# علامه علي خان ابڙو

## علمي خدمتون




سهيڙيندڙ:

بدر ابڙو

ثناءُ الله سومرو



Sindhica
سنڌيڪا

# علامه علي خان ابڙو
# علمي خدمتون

سهيڙيندڙ:

**بــدر ابــڙو**

**ثناءُ الله سومرو**

Sindhica
سنڌيڪا



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

كتاب نمبر
280

سڀ حق ۽ واسطا ڇپائيندڙ وٽ محفوظ

پهريون ڇاپو: 2010ع
ڪتاب جو نالو : علامه علي خان ابڙو علمي خدمتون
سهيڙيندڙ: بدر ابڙو، ثناءَ الله سومرو
ڪمپيوٽر لي آئوٽ:فهيم احمد سولنگي
ڇپيندڙ: آزاد ڪميونيڪيشنز، ڪراچي
ڇپائيندڙ : سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي

قيمت : =/700 رپيا

**“ALLAMA ALI KHAN ABRO- ILMI KHIDMATOON”**
(Collected Works of Allama Ali Khan Abro)
Compiled by: Badar Abro, Sanaullah Soomro
Published by: Sindhica Academy,
B-24, National Auto Plaza, Marston Road,
Karachi-74400 Phone:021-32737290
www.sindhica.net
Email:sindhica_academy@yahoo.com

## اسٽاڪسٽ

سنڌيڪا بوڪ شاپ، 19 بلديه پلازه گهنٽا گهر چوڪ سکر فون: 071-5628368،
سنڌيڪا بوڪ شاب، جتوئي منزل حيدر چوڪ حيدرآباد فون: 03013594679 –
سنڌيڪا بوڪ شاپ، روم نمبر1، مهراڻ هوٽل، اسٽيشن روڊ، لاڙڪاڻو فون: 03468960942
العماد بوڪ سيلرز، اردو بازار، ڪراچي فون: 0212214521 ، 0300-3431115
ڪتاب مرڪز فريئر روڊ، عزيز ڪتاب گهر بئراج روڊ، سکر- ڪاٺياواڙ بوڪ اسٽور اردو بازار ڪراچي- سنڌي ادبي بورڊ بوڪ شاپ، تلڪ چاڙهي حيدرآباد- شاهه لطيف بوڪ شاپ، ڀٽ شاهه- عثمانيه لائبريري، چنيهاڻي ڪنڊيارو، قاسميه لائبريري ڪنڊيارو - نيشنل بوڪ اسٽور، نوراني بوڪ ڊپو بندر روڊ، رابيل ڪتاب گهر اسٽيشن روڊ، رهبربوڪ اڪيڊمي رابعا سينٽر بندر روڊ لاڙڪاڻو- رحيم ڪتاب گهر مهراڻ چوڪ بدين- جنيد بوڪ اسٽور ۽ رشيد بوڪ اسٽور نئون چوڪ- ممتاز ڪتاب گهر دادو-حافظ بوڪ اسٽور مسجد روڊ، خيرپور ميرس - سعيد بوڪ اسٽور، گل ڪتاب گهر لکي در شڪارپور- المهراڻ ڪتاب گهر، زاهد بوڪ ڊپو، سانگهڙ- سيد ماس ميگا اسٽور، جيڪب آباد- سرتاج ۽ گلزار بوڪ اسٽور، ڪنڌڪوٽ- ميمڻ بوڪ اسٽور، شاهي بازار نوشهروفيروز- ڪنول ڪتاب گهر، مورو- حافظ اينڊ ڪمپني، لياقت مارڪيٽ، نواب شاهه- ٽر ڪتاب گهر، عمر ڪوٽ- ديدار بوڪ ڊپو، ٽنڊوالهيار- رفعت بوڪ هائوس، ماتلي- مرچو لال پريمي، بدين- مڪتبه يوسفيه، ميرپورخاص. فون. 0300-3319565، عطار ڪتاب گهر، بدين، جنيد بوڪ اسٽور، دادو، مهراڻ ڪتاب گهر، عمر ڪوٽ، حافظ ڪتاب گهر، ڪپرو، سنڌ ڪتاب گهر، مورو،

لکپڙهه ۽ وي پيءَ ذريعي گهرائڻ لاءِ
سنڌيڪا اڪيڊمي
B_24، نيشنل آٽو پلازه مارسٽن روڊ
ڪراچي74400


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

# فهرست

**حصو پهريون: شخصيت، سيرت ۽ شاعري** ........ 13
مرحوم علي خان ابڙو ........ 15
علي خان ابڙو ........ 23
امر شخصيت ........ 25
علامہ علي خان ابڙو جا خط مولانا دين محمد وفائي مدير "توحيد" ڏانهن .. 29
شاعري ........ 38

**حصو ٻيون: اسلام** ........ 39
اسلام ۽ ترقي ........ 41
اسلام ڇا آهي؟ ........ 83
عقل ۽ روحاني جذبا ........ 88
اڄوڪا بزرگ ۽ سچي بزرگي ........ 91
ڪلمو شريف ........ 103
نماز ........ 105
خطبو ........ 107
دعا ........ 108
روزا ........ 109
زڪوات ........ 109
حج ........ 110
صلوات، تسبي ۽ وظيفا ........ 111
تقدير، دين ۽ دنيا، رزق، موت ........ 112
الدين يسر يعني دين سولو آهي ........ 113
شفاعت ........ 114
سچو تصوف ۽ اڄوڪا ڪوڙا درويش ........ 116
اسلام ڇا آهي؟ ........ 206


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

تعليمات اسلام .................................... 233
حالات نبوي عرف حيات النبي .................................... 253
علم ۽ ديني علم .................................... 296
اخلاقي ۽ مذهبي تعليم .................................... 308
خيرات لاءِ قرآن پاڪ جو ارشاد .................................... 317
پيغمبر اسلام جي حياتي تي غور ڪريو ته اسلام جي سچائي معلوم ٿئي 324
اخلاقي گلدستو .................................... 351
قرآن شريف ۽ ڪانسٽيٽيوشن .................................... 392
رسومات تباهي .................................... 399
اهل حق ۽ قرآن مجيد جي مخالفت .................................... 415
هاٽوڪو تصوف .................................... 419
وهابي ڪنهن کي ٿا ڪوٺين ؟ .................................... 422
محبت جو اسلامي فلسفو .................................... 426
قرآني معارف .................................... 430
قرآن شريف مان اخلاقي سبق .................................... 433
قرآن شريف معنيٰ سان نه پڙهڻ گهرجي ڇا؟ .................................... 437
يتين جي سينگار ۽ نصحيت لاءِ .................................... 441
چند آيات و احاديث وغيره .................................... 441
مذهب ڇا آهي .................................... 443
اسلام ۽ سلامتي .................................... 446
مذهب ۽ اقتصادي حالت .................................... 449
تعليمات قرآن .................................... 451
قاديانيت کي لوهار وارو ڌڪ .................................... 455
ترقي ۽ خود حڪومت ڪيئن حاصل ٿيندي؟ .................................... 459
وهابيت .................................... 482
حج، عيدالضحيٰ ۽ عاشورا .................................... 484
آزادي ۽ غلامي .................................... 486
فرعونيت ۽ غلامي .................................... 489
اسلام آهي اتحاد ۽ نظام .................................... 492
غير مسلمانن کي دعوت .................................... 498
پير ۽ سندن ڪرامتون .................................... 502
سادگي .................................... 505
تصنيفات ۽ ترقي .................................... 508
فقهه شريف .................................... 511


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

اسان خدا جي عبادت ڪندڙ آهيون................................ 514
يا شيطان جي؟ ............................................ 514
تاريخ اسلام جو هڪ واقعو ..................................... 517
امام اعظم نمبر 3 ............................................ 519
امام اعظم نمبر 4 ............................................ 521
امام اعظم نمبر 6 ............................................ 523
ايمان ۽ عمل .............................................. 525
ديني ڪتابن جي ضرورت ....................................... 530

**حصو ٽيون: تعليم ۽ تدريس ................................ 533**

ابتدائي تعليم جي حالت........................................ 535
ماسترن جا فرض ۽ جوابداريون.................................. 540
ترقي ۽ تعليم .............................................. 546
تعليم ۽ ترقي .............................................. 548
تعليم جي ضرورت ۽ اهميت..................................... 551
علم ۽ ترقي (ڊائيلاگ) ......................................... 554
دماغي تعليم................................................ 557
سبقن جي سمجهاڻي ۽ انهن تي سوال پڇڻ .......................... 559
ورنيڪيولر فائينل امتحان 1928ع جي مضمون جو پيپر .................. 561
مڊل اسڪول اسڪالر شپ امتحان سيني قومن جي شاگردن لاءِ ڪليل پيٽ 565
بلند خيالي (IDEALISM) ....................................... 566
مضمون نويسي .............................................. 568
سٺا اکر!................................................... 572
پهريون تعليمي تجربو ......................................... 574
ٻيو تعليمي تجربو - ٻاراڻو ڪلاس ............................... 583
ٽيون تعليمي تجربو ........................................... 588
33 سيڪڙو مارڪون ۽ ڪي تعليمي هدايتون.......................... 591
ٽريننگ ڪاليج جي پهرئين سال جي شاگردن جو امتحان ................. 595
زناني تعليم، زنا ۽ جوهر عصمت ................................. 600
ٻاراڻن ڪلاسن بابت ڏنل هدايتن جو انتخاب ........................ 602
ملا اسڪولن جي سچائي ۽ ڪم .................................... 605
ملا اسڪولن جو دفتر .......................................... 608
ملا اسڪولن ڪي نائب ڏيڻ....................................... 610
مڪتبن لاءِ جاين جا قسم ....................................... 613



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

عام واقفيت وڌائڻ ........ 615
تدريس لاءِ ضروري ڳالهيون ........ 616
ضروري اطلاع ........ 618
صفائي ........ 620
سرڪيولر ز ........ 623
تمام ضروري هدايتون ........ 627
جاگرافي ڪيئن سيکارجي؟ ........ 629
تعلقي جي جاگرافي ........ 633
تعليم جي اهميت ........ 638
تعليم ........ 640
پڙهائڻ جو هنر ........ 642
پاراڻن ڪلاس بابت ڏنل هدايتن جو انتخاب ........ 645
يڪ تندرستي هزار نعمت ........ 648
شاگردن کي خطاب ........ 650

**حصو چوٿون: متفرق مضمون ۽ مقالا ........ 653**
ڳوناڻن جو سڌارو ........ 655
ڪامل تندرستي جا اسرار ........ 658
ڪالرا يا وبا ........ 661
نئون سنڌي ويا ڪرڻ (گرامر) ........ 664
پيسٽالازي ........ 692
ائٽلس جاگرافي تعلقو قنبر ........ 726
نئون اروگيه وگيان ( علم صحت ........ 740
ديباچو ........ 740
اروگيه وگيان يا علم صحت ........ 740
ياڱو پهريون (بدن جي بناوٽ ........ 741
ترقي سنڌ مسلم ........ 836
سولي سنڌ جي تواريخ ........ 878
وزير ۽ ڪامورا ........ 936
پاڪستان جو دستور ........ 938
آزادي ۽ غلامي ........ 941




www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

## انتساب

علامہ علي خان ابڙي جي والد

**فقير عمر خان سانگي (ابڙو)**

جي نالي

جنهن ان وقت پنهنجن پٽن کي

اعليٰ تعليم ڏياري، جڏهن

سنڌي مسمانن ۾ علم جو شعور ڪونہ هو


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

# ٿورا

**هن ڪتاب جي لاءِ مواد جو ڪجهه حصو**
**محترم محمد عثمان عباسي**
**عثمانيه لائبريري چنيهاڻي**
**واري مهيا ڪيو، جنهن لاءِ اسان سندس بيحد ٿورائتا آهيون.**


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ پاڳي پائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# ٻه اکر

هڪ ڏينهن (1987ع ڌاري) جڏهن آئون هلال پاڪستان، ڪراچي ۾ سب ايڊيٽر طور پنهنجي ڊيوٽيءَ ۾ مصروف هئس، هڪ جهونڙو شخص ڪورٽ وِيو بلڊنگ (بندر روڊ) ۾ چڙهي آيو. اچڻ سان سلام عليڪم چئي پڇيائين "توهان مان بدر ابڙو ڪهڙو آهي؟" مون ڪيس پنهنجي پرسان ڪرسيءَ تي ويهاري، چانهه آڇي، ۽ چيم "سائين آئون آهيان، حڪم ڪريو!" چيائين "ڪجهه به نه! علامه عليخان ابڙو منهنجو استاد هو، مون ٻڌو آهي ته ان جو پٽ جمال الدين ابڙو آفيسر آهي ۽ لکندو آهي، ۽ تنهن جو پٽ بدر ابڙو به لکندو آهي ۽ هلال پاڪستان ۾ ڪم ڪندو آهي. آئون فقط پنهنجي استاد جي سِڪ لاهڻ لاءِ توکي ڏسڻ آيو آهيان!" پوءِ هو هليو ويو. هي ماستر بشير احمد جوکيو هو، جنهن جو ڳوٺ ڪانوڙ، ڳڏاپ طرف هو. ابڙو صاحب ڳڏاپ اسڪول ڏانهن اٺ تي چڙهي ويندو هو.

ماستر صاحب جي وڃڻ ڪانپوءِ، پهريون ڀيرو مون سوچيو هو ته عليخان ابڙي جي شخصيت ڪافي اثر انگيز هوندي، جنهن جو شاگرد 35- 40 سالن جي سِڪ لاهڻ لاءِ مون سان اچي مليو آهي.

ان ڪان پوءِ، اها سن 2000ع ڌاري جي ڳالهه هوندي، جڏهن هڪ ڏينهن بابا سائين (جمال ابڙي) ڪنهن ڳالهه تي چيو، "متان ڪڏهن وڏائيءَ ۾ پئو! توهان کي ڪا غلط فهمي نه هجي، انڪري ٿو چوان ته وڏائي ته جيڪر آئون ڪريان ها، ڇو ته منهنجو پيءُ توهان جي پيءُ کان وڌو ماڻهو هو". هن جنهن وقت اهي اکر چيا، آئون سندس اکين جي چمڪ ڏسي حيران ٿي ويو هئس. بابا سائين هميشهه اکيون اکين سان ملائي ڳالهائيندو هو. مون کي اها چمڪ ۽ لهجو اڄ تائين ياد آهي. بابا سائين عدليه ۾ جج، سنڌ حڪومت ۾ سيڪريٽري ۽ چيئرمن اينٽي ڪرپشن جي عهدن تي رهي چڪو هو، منهنجي لاءِ اها حيرت جي ڳالهه هئي ته عليخان ابڙو هن کان وڌو ماڻهو ڪيئن هو؟

ماستر صاحب کان پوءِ بابا سائين جا لفظ منهنجي لاءِ اتساهه بڻجي ويا ته آئون عليخان ابڙي کي ڀيهر ڳوليان، سندس گم ٿيل ڪتابڙا، مضمون ۽ تقريرون جيڪي سڀ وقت جي دز ۾ گم ٿي چڪا هئا، جمع ڪري ڀيهر شايع ڪرايان. ايئن ثناءُالله سومرو به ڳڌجي پيو. سچ پڇ ته مواد سهيڙڻ ۽ ترتيب ڏيڻ ۾ هن علي خان ابڙي صاحب


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

سان پنهنجي محبت جو پورو ثبوت ڏنو. مون مواد سهيڙڻ لاءِ تڏهوڪين اخبارن ۾ اشتهار شايع ڪرايا هئا، ۽ ثناءُالله ڪي شهر شهر وڃي لائبررين مان مواد ڳولهڻو پيو.

مون کي گهڻي کان گهڻو مواد سنڌالاجي (ڄامشورو)، سنڌ آرڪائيوز (ڪراچي)، سکر ۽ ڪوٽڙي ڪبير جي لائبررين مان مليو. ڪجھ مواد گهوٽڪي، ماتيلي، ميرپورخاص، چني، گڏاپ ۽ ٻين شهرن مان ذاتي لائبررين مان مليو، ڪجھ مواد منهنجي ذاتي لائبرريءَ ۾ موجود هو. اهو سڄو مواد سهيڙيو ۽ ترتيب ڏنو ويو ته خبر پئي ته انهن ۾ سڀ کان پراڻو مضمون 1917 جو آهي، جيڪو ايترو پڪو پختو آهي جو صاف ڏسجي ٿو ته ليکڪ ان کان ڪافي اڳ لکندو رهيو آهي. ابڙو صاحب 91-1890ع ڌاري ميهڙ جي پرسان ڳوٺ سانگي ۾ پيدا ٿيو. يعني هتان ڪتاب ۾ 1917 وارو مضمون ان وقت جو آهي جڏهن سندن عمر 27 سال هئي. منهنجو اندازو آهي ته ابڙي صاحب 1910 کان 1915 ڌاري ڪنهن وقت باقاعدي لکڻ شروع ڪيو هوندو.

ابڙو صاحب پوريءَ طرح شمس العلماءَ دائودپوٽي جو همعصر آهي. سندن ٻيا همعصر اديب ۽ عالم خاص ڪري علامه آءِ آءِ قاضي (1968ـ1886)، مولانا دين محمد وفائي (1893ـ1950) ، ڀيرومل مهرچند اڏواڻي (1950ـ 1876) ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي (1884ـ1947)، خانبهادر محمد صديق ميمڻ وغيره آهن. ابڙو صاحب آگسٽ 1954 ۾ لاڙڪاڻي ۾ گذاري ويو. سندس آخري آرام گاهه قائم شاهه بخاري جي درگاهه جي اتر ۾ آهي.

جيئن ته ابڙو صاحب رٽائرمينٽ کانپوءِ دل جي بيماريءَ سبب حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ جو ماحول ڇڏي لاڙڪاڻي ۾ گوشه نشين ٿي قرآن شريف جي ”تفسير المنير“ جي نازڪ ڪم ۾ مشغول ٿي ويو، ۽ علمي ماحول ۽ مذاڪرن کان پاسيرو رهيو ۽ ٿن چئن سالن جي مختصر عرصي ۾ گذاري ويو، انڪري جلد ئي وقت جي ڪوهيڙي ۾ لڪي ويو.

علامه صاحب جا ڪتابڙا ۽ اخباري مضمون، محفوظ نه رهيا، خود سندن ذاتي لئبريري 1942 واري ڪاري ٻوڏ ۾ لڙهي وئي، جيڪا ڳوٺ سانگي (ميهڙ) ۾ هئي. (هي ڳوٺ تازو 5 سيپٽمبر 2010 تي ٻيهر ڪاري ٻوڏ هيٺ آيو). سندن علمي پورهيو ’تفسير المنير‘ سندن حياتيءَ ۾ ڪو نه ڇپيو. بلڪ اهو پورا پنجاهه سال پوءِ ’سنڌيڪا‘ مان ڇپجي سگهيو. اها سعادت به مونکي ملڻي هئي، مون تفسير المنير جو مسودو 1994ع ۾ پنهنجي گهر ۾ ئي ڪمپوز ڪرايو ۽ پوءِ سائين نور احمد ميمڻ جي شوق تي ڪيس ڏيئي ڇڏيم. ”تفسير المنير“ جي ڇپرائيءَ کانپوءِ علامه علي خان ابڙو ٻيهر ڪوهيڙي مان ظاهر ٿيو. ان وقت تائين سنڌي قوم هن عظيم تعليمدان، اصلاح پسند صحافي ۽ سندس ڀاڄهاري لب لهجي کي ٻنهه وساري چڪي هئي. ان وچ ۾ ٻه نسل گذري ويا آهن. هاڻي، خود لاڙڪاڻي واسين لاءِ اها حيرت جي خبر آهي ته


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

سنڌي ماڻهن جي تعليم ۽ اخلاقي اصلاح لاءِ پاڻ ڪي ارپيندڙ هي صاحب هن ئي شهر ۾ ابدي ننڊ ڪري رهيو آهي.

بس! منهنجي اها ئي ننڍڙي خواهش هئي ته علامه علي خان ابڙي جي شخصيت ڪي سندس مقام ڏيارجي ۽ سندس تحريرون گڏ ڪري اها امانت سنڌ واسين تائين پهچائجي. سندس تحريرن ڪي ٻن يا ٽن حصن ۾ ورهايو ويو آهي، ڇاڪاڻ ته اهي واضح طور تي درسي تعليم، اسلامي تعليمات، سماجي ۽ سياسي موضوعن ۾ ورهايل آهن. منهنجي ڪوشش هئي ته ابڙي صاحب جا سمورا ڪتاب، ڪتابڙا ۽ مضمون هڪ هنڌ شايع ڪجن، پر مون کي سڄو مواد هٿ اچي نه سگهيو، پر هڪ اندازو اٿم ته هتي سندن 90 سيڪڙو تحريرون شامل آهن. آئون وري به سنڌيڪا ۽ پائو نور احمد ميمڻ جو ٿورائتو آهيان جنهن سنڌ جي هن لائق پٽ کي ٻيهر ظاهر ڪرڻ ۾ پنهنجوڪردار ادا ڪيو آهي. مون کي اميد آهي ته هي ڪتاب سنڌي استادن ۽ عالمن لاءِ سٺي سوکڙي ثابت ٿيندو.

شال قبول پوي

**بدر ابڙو**


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

# حصو پهريون

# شخصيت، سيرت ۽ شاعري



سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

**اياز قادري**

# مرحوم علي خان ابڙو

”اڄ نـــه اوطـــاقن ۾ طالـــب تنـــوارين
آديســـي اٿـــي ويـــا مڙهيـــون مـــون مـــارين
جي جيءَ کي جيارين سي لاهوتي لڏي ويا“

*(شاهه)*

اسلام جو پروانو، اخلاق جو صاحب ۽ همت جو پتلو، مرحوم علي خان ابڙو انهيءَ خاندان جو چشم و چراغ هو، جنهن دنيا جي ڪروڙن خاندانن وانگر زمين کي ڪيڙي پنهنجي پگهر سان، سرسبز ۽ سائو ٿي ڪيو. مرحوم جي سڄي عمر قوم جي بهتريءَ خاطر، مسلسل ۽ بي باڪ جدوجهد، سندس شاندار هاريءَ ۽ پورهيت واري، صاف ۽ سون جهڙي خون جو ڪامل ثبوت آهي.

ميهڙ کان ڇهه ميل پري ۽ گودڙئي کان اوريان پوٺي ۾ هڪ ننڍڙو ڳوٺڙو آهي . هي 1888ع جي قريب جو واقعو آهي جڏهن ان تر ۾ جوئر ۽ تر ٿيندا هئا ۽ ميهن ۽ ونگن جون واڙيون هونديون هيون. ڪنهن ٿي ڄاتو ته هي ڪچي ۽ ڪاچي جي وچ وارو ڳوٺڙو، انهيءَ سن ۾ هڪ اهو فرد پيدا ڪندو جو اڳتي هلي سنڌ جو پهريون (يا ٻيو) ايم اي ٿيندو ۽ بمبئي يونيورسٽيءَ ۾ پهريون نمبر ڪڍندو.

مرحوم سانگي قوم جو فرد هو ۽ پاڻ پهريون دفعو ابڙو سڏائڻ شروع ڪيائون. سندن وڏا نج سنڌي باشندا، لاڙڪاڻي ضلع جا وينل هئا.سندن والد صاحب، عمر فقير، آس پاس جو هڪ مشهور عاقل ۽ برجستو شخص هو. مرحوم علي خان ابڙو ننڍي هوندي کان ئي ضعيف ۽ لاغرالجسم  هو. سندن والد صاحب کي دوستن ۽ عزيزن مزاقيه چيو ”ڇا هي به هر ڪاهي سگهندو؟“ مرحوم عمر فقير پنهنجي پٽ جي اڳَر جهلي چيو ”انشاءَ الله اوهين سڀ هن جا ڳيجهو ٿيندا“ سبحان الله! اها پيشن گوئي سورنهن آنا سچي ثابت ٿي ۽ سڄو سانگين جو ڳوٺ ۽ آس پاس ، مرحوم جي بدولت، علم سان مالا مال ٿي ويو. آفرين هجي مرحوم عمر فقير کي جنهن لاجواب عزم ۽ استقلال سان مفلسيءَ جي دور ۾ ڪمال دور اُنديشيءَ کان ڪم وٺي پنهنجي فرزند کي 1901ع ۾ ٻارهن ورهين جي ڄمار ۾ سنڌ مدرسه ڪراچيءَ ۾ داخل ڪرايو. مرحوم عمر فقير جي اها دانشمندي ان زماني ۾ هڪ ڪرشمه آهي. ان وقت موٽر ۽



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

فونا اچا نڪتا هئا. ۽ ٽرامون گهوڙا ڇڪيندا هئا.

مرحوم علي خان ابڙو جنهن ماحول ۾ پليو ان جو ذڪرسندس ئي قلم موجب ڏجي ٿو جو مرحوم پنهنجي شاهڪار ڪتاب، ”اسلام ۽ ترقي“ جي پهريئن حصي ۾ ڪيو آهي. مرحوم جي صاف گوئي ۽ سليس ۽ سولي لکڻي هن ٽڪر مان چڱي طرح ظاهر آهي. فرمائي ٿو: ”منهنجو مرشد ۽ منهنجو والد صوفي هئا، مگر اڻ پڙهيل هئا. اسلام جي ڪين ڪابہ خبر ڪانہ هئي. اگرچہ هو فهم ۽ عقل وارا هئا ۽ نيڪ نيت ۽ اخلاص وارا بہ هئا. مگر اسلام جي واقفيت نہ هئڻ ڪري ۽ هاٽوڪي ڪوڙي تصوف جي رواج هئڻ ڪري شريعت ڪان پري هئا. روزي ۽ نماز ڪان غافل هئا. بلڪ نشو ڪرڻ، ذڪر پچائڻ واريءَ حالت ۾ مباح ڄاڻندا هئا. بهشت فقط دلاسو ۽ دوزخ فقط دڙڪو سمجهندا هئا.“

”سنڌ مدرسي ۾ جبراً پنجئي وقت نماز پڙهائي ويندي هئي ۽ روزا رکايا ويندا هئا. مولوي صاحب مرحوم هر جمعہ تي وعظ بہ ڪندو هو. سمجهڻ ۾ ائين ايندو هو تہ جيئن ڇوڪرن کي جبراً نماز پڙهائي ٿي وڃي، تيئن مولوي صاحب بہ مجبورا وعظ ٿو ڪري. مدرسي ڇڏڻ ڪان پوءِ نماز ۽ روزا بہ ڇڏي ڏنم، بلڪ جڏهن پنهنجي ڳوٺ ۾ موڪلن تي هوندو هوس تڏهن نماز ۽ روزن ڪان بہ موڪل وٺندو هوس.“

هي اهڙو تہ صاف ۽ سچو بيان آهي جو اڄ بہ جڻ تہ هر شاگرد جي دل مان ٿو نڪري. اهو هو پس منظر جنهن مرحوم کي ننڍي هوندي ئي باغي بنايو ۽ صحيح علم جي تحقيق لاءِ سندن دل ۽ دماغ کي خالي رکيو.

مرحوم اسڪول جي زماني ڪان ئي نهايت محنتي هو ۽ جلدئي 1906ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان شاندار ڪاميابيءَ سان پاس ڪيو جنهن لاءِ اڄ بہ سنڌ مدرسي ۾ لڳل بورڊ شاهدي ڏئي رهيو آهي. پرنسيپال وائينس صاحب جي شفقت ۽ همت افزائيءَ سان مرحوم جهونا ڳڙه ۽ بمبئيءَ ۾ تعليم ورتي ۽ فيلو ٿي رهيو. 1912ع ۾ ايم اي پاس ڪيائين. مرحوم جا همعصر يونيورسٽيءَ جا دفتري اڄ تائين مرحوم جي خدا داد عقل ۽ قابليت جو داد ڏيندا رهن ٿا.

مگر مرحوم ڄاڻي ٻجهي تعليم کاتي کي پسند ڪيو ۽ اين جي هاءِ اسڪول ۾ ماستري ڪيائون. منجهن جا علم حاصل ڪرڻ لاءِ تڙپ ۽ بي چيني هئي سا سيلاب وانگر وهي هلي. ڏينهن ۽ رات ڪتابن جي انبارن ۾ غرق رهڻ لڳا. هر قسم جا ڪتاب، ادب، مذهب تاريخ ۽ فلسفي وغيره جا سندن مطالع هيٺ آيا. مرحوم يورپي مصنفن جا ڪتاب خاص شوق سان پڙهيا. سندن قول مطابق ”يورپي مصنفن جا هر قسم جا سوين بلڪ هزارين ڪتاب مطالعہ هيٺ آيا.“ *(”اسلام ۽ ترقي“ حصہ پهريون صفحہ 9)*

مرحوم کي مولانا حالي جي مسدس پڙهڻ ڪانپوءِ اسلام جي واقفيت جو شوق پيدا ٿيو. پوءِ تہ اسلام متعلق شايد ئي ڪو ڪتاب ڇڏيائون. انگريزي، فارسيءَ ۽ اردو



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

زبانن ۾ شايع ٿيل اسلامي ۽ ادبي ڪتابن جو مطالعو ڪيائون . عربي زبان گهر ۾ پاڻ مرادو پڙهڻ شروع ڪيائون. ۽ ان ۾ مهارت حاصل ڪري ويا. قرآن حڪيم جا سڀ مشهور تفسير مطالعه ڪيائون. علم حديث ۽ فقہ جو گهرو مطالعه ڪيائون. بس علم جو هڪ درياهه گڏ ڪيائون جنهن ڪي ڇنڊي ڇاڻي، وقت جي ضرورت مطابق، قوم جي بهتريءَ خاطر ڪم آندائون ۽ ان لاءِ همہ تن جدوجهد ڪيائون. منجهن ايمان ۽ يقين جو اهو اضطراب ۽ ولولو پيدا ٿيو جو اُخير عمر تائين حق جي تبليغ ڪندا رهيا. انهيءَ جذبہ جو پنهنجي ڪتاب ۾ ڪهڙو نہ سهڻو ذڪر ڪيو اٿن:

”متين ڪتابن پڙهڻ بعد مون کي اسلام جي تبليغ جو شوق گهڻي قدر پيدا ٿيو جا ڳالهه عجب جهڙي ڪانهي. انسان جي فطرت ئي ائين آهي. جنهن ڳالهه کي سچ سمجهندو ۽ جنهن جو ڪيس شوق هوندو سا ڳالهه سڀ ڪنهن سان ڪندو. ڪيس ان ڳالهه ڪرڻ کان روڪڻ، اهڙو آهي، جهڙو درياهه کي وهڻ کان روڪڻ.“ ٿيو بہ ائين مرحوم جو قلم بي اختيار ۽ بي حجاب ٿي، ويو پيرن، فقيرن، ملن، مجاورن ۽ پيٽوڙين ۽ مفت خورن جون ڏچيون اڏائيندو. هر فرسوده رسم جي خلاف مرحوم جهاد ڪيو. ۽ ”رسومات تباهي“ نالي سان هڪ ڪتاب شايع ڪيو. ناظرين ڪرام هي ڳالهه رواجي نہ سمجهن جو ان وقت ملان، مولوي، مجاور ۽ پير نهايت زور وارا ۽ اڇي ڪاري جا مالڪ هئا. مرحوم تي هر طرف کان ڪفر جون فتوائون نڪتيون ۽ پنهنجا بہ پراوا ٿي ويا. پلا ڇو نہ ٿيندا. ڏسو تہ اڄ بہ اهي ڳالهيون اوهان کي ڏکيون لڳن ٿيون يانہ:

”(1) نور نامہ ڪوڙو آهي. (2) دعا گنج العرش جون اسنادون ڪوڙيون آهن. (3) ڪيترا معجزه ڪوڙا آهن.(4) تسبيح (مٽين واري) پڙهڻ فضول آهي. (5) اسقاط ڪرڻ غلط آهي. (6) تعويذ لکڻ غلط آهي. (7) مرادن حاصل ڪرڻ لاءِ لک صلواتون ڪڍڻ غلط آهي. (8) اڪيلو يا گڏجي ”اللّٰه اللّٰه!“ يا ”هو- هو“ ڪرڻ (رواجي ذڪر) غلط آهي. (9) قرآن بخشائڻ وغيره وغيره غلط آهي.

مرحوم نہ صرف اهي عقيدهہ لکيا، پر ان لاءِ جدوجهد بہ ڪئي بحث مباحثہ جي وسيلي، گفتگو جي ذريعي ۽ مضمون ۽ ڪتابن جي دوران.

مرحوم نہ رڳو مذهبي پر سماجي خرابين جي دور ڪرڻ لاءِ بہ ڏاڍو پاڻ پتوڙيو ۽ قلمي جهاد ڪيو. جهنڊ، ڇٽي، طهر، شادي، موت وغيره، جي موقعن تي جي گنديون رسمون هيون تن جي قلعي کولي رکيائون تہ ڪيئن نہ انهن اسان جي اقتصادي حالت کي تباهہ ڪري ڇڏيو هو.

مرحوم مولوي حاجي الاهي بخش صاحب، مرحوم مولانا دين محمد وفائي، مرحوم علي خان ابڙو ۽ ٻين چند عالمن جو هڪ اهڙو گروهہ هو جي هر وقت اسان جي بيمار جسم ۾ چڱائي جون انجيڪشنون هڻندا آيا ۽ خرابين تي جرح ڪندا آيا.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

چيخ و پڪار ۽ اعتراضن جي ڪا پرواهه ڪانہ ڪيائون، افسوس جو مرحوم علي خان ابڙي جي وفات سان جڻ تہ اهو دور ئي ختم ٿي ويو.

مرحوم هميشہ اعلان ڪندو هو تہ اسلام 1- ملائيت 2- فرعونيت ۽ 3- قارونيت کي ختم ڪرڻ آيو آهي، مرحوم پنهنجي اوائلي جدوجهد ۾ ئي ملائيت جون پاڙون ڪمزور ٿينديون ڏٺيون جنهن ڪري مرحوم پنهنجي جهاد جي ٻئي دؤر ۾ قدم رکيو.

سرڪاري ملازم ٿي ڪري مرحوم جنهن جرائت ۽ همت سان سياسي رهنمائن جي خلاف قلم کنيو سو سندن ايمان جي پختگيءَ جو بي مثال ثبوت آهي. مرحوم جو هي فيصلائتو شده رايو هو تہ سياست جو بنياد اخلاق تي هئڻ لازمي آهي، ورنہ فرعونيت جو پيدا ٿيڻ اڻ ٽر آهي. پڙهندڙن کي حيرت لڳندي تہ مرحوم وفات ڪرڻ کان صرف ڇهہ ڏينهن اڳ ۾ علالت ۽ غنودگيءَ جي حالت ۾ فرمايو:

”مؤمن جي نشاني آهي تہ آخري وقت ۾ هن دنيا مان مشڪندو وڃي. ڏسو مان ڪلان پيو. صرف هڪ ارمان اٿم جو باقي هڪڙو مضمون نہ لکي سگهيو آهيان“ سندن چوڻ موجب پنو ۽ قلم کنيو ويو ۽ پاڻ مضمون لکائڻ شروع ڪيائون جنهن جو موضوع هو ”دنيا جي سيني مسلم حڪومتن کي انتباهہ!“ مرحوم اجا تمهيد لکائي رهيو هو جو ڪيس ساڻائي وٺي ويئي. افسوس جو اهو مضمون پورو ڪرائي نہ سگهيا. مرحوم ان آخري اڌوري مضمون ۾ اعلان ٿو ڪري.”جيڪو بہ ٻئي تي حڪومت ٿو هلائي سو پاڻ کي خدا ٿو سڏائي ۽ جيڪو بہ ٻئي جي غلامي ٿو ڪري سو بہ خدا کي ڇڏي ٻين جي پوڄا ٿو ڪري.“ ڏسو تہ سياست ۾ ڪيڏو نہ شاندار بنيادي اصول رکيو ويو آهي. ۽ ڪيڏو نہ اهو انقلابي نعرو آهي.

مرحوم جو عقيدو هو تہ انقلاب جو بنياد اخلاق آهي. يعني ايمان، اتحاد، ايثار، تنظيم، اطاعت وغيره. ”اسلام نہ رڳو اخلاقن جي تعليم ڏئي ٿو پر اخلاق پيدا ڪرڻ جي قوت رکي ٿو.“ ان لاءِ مرحوم نماز، روزي، حج ۽ زڪوات جي تنظيم لاءِ پنهنجون تجويزون مضمونن جي صورت ۾ پيش ڪيون جي مرحوم وفائي جي ڏينهن ۾ رسالہ توحيد ۾ ڪجهہ وقت لاءِ شايع ٿينديون رهيون.

مرحوم جي زندگيءَ جو شاهڪار سندن تفسير قرآن الحڪيم آهي. آخرين ڇهہ سال مرحوم صبح و شام ڊاڪٽرن جي منع هوندي بہ مسلسل، هن تفسير تي محنت ڪندو آيو.

مرحوم جي تمام عمر جي تفڪر ۽ هزارين ڪتابن جي علم جو نچوڙ هن تفسير کي تيار ڪرڻ ۾ ڪم آندو ويو آهي. دنيا جي تمام ازمس “ISMS” جي قرآن جي ڪسوٽيءَ تي چٽڀ چاڻ ۽ پرک ڪئي وئي آهي. مرحوم پنهنجي جان هن تفسير ۾ وجهي ڇڏي. جنوري 1954ع ۾ هي تفسير پورو ٿيو ۽ فيبروري 1954ع جي شروع ۾ سندن دل جي رفتار بي ترتيب ٿي ويئي.



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

مرحوم جي شايع ٿيل ڪجھ ڪتابن جا پرچا هٿ نٿا اچن. مرحوم نهايت گھٽ ڳالهائيندڙ هو. ان ڪري معلوم نہ آهي تہ ڪھڙا ڪھڙا ڪتاب سندن زندگيءَ ۾ شايع ٿيا. بهرحال هيٺيان ڪتاب سندن حياتيءَ ۾ ڇپجي ظاهر ٿيا. (1) حالات نبوي (2) احاديث (3) رسومات تباهي (4) تعليمات اسلام- حصو اول (5) تعليمات اسلام- حصو ٻيو (6) اسلام ۽ ترقي چئن حصن ۾ (7) اخلاقي گلدستو (8) اسلام ۽ چونڊون ۽ ان ڪانسواءِ ٻيا ڪيترا اڪيچار درسي ڪتاب مرحوم جي نالي سان ڇپجي ظاهر ٿيا هئا جيڪي معلوم ٿئي ٿو تہ مرحوم جا لکيل نہ هئا سواءِ چند اسلامي درسي ڪتابن جي.

مرحوم جا ڇپيل ڪتاب هي آهن تہ (1) تفسير قرآن مجيد (2) اسلام ۽ ڪميونزم (3) اسلام جو مالي نظام (4) اسلام ۽ ڪميونزم (انگريزي) ۾ ۽ ٻيا ڪيترا مضمون ۽ ڪجھ شعر.

مرحوم جي لکڻي (Style) نهايت سڌي، سولي ۽ سادي هئي. نہ منجھن طنز (Satire) هئي نہ وري مذاح (Humour) هو. اهو انهيءَ ڪري هو جو سندس لکڻ صرف لکڻ خاطر نہ، بلڪ اصلاح خاطر هو. سندن مراد ادب پيدا ڪرڻ جي نہ هئي پر صحيح راهہ ڏيکارڻ جي هئي. اعمال جا نهايت قائل هئا ۽ اکرن ۾ ڪڏهن نہ اڙيا. جيتوڻيڪ عربي، فارسي ۽ سنڌي جا ماهر هئا ليڪن ڪڏهن بہ گول مول جملا ۽ ڳاٽي پڳا اکر ڪم نہ آندائون. جيئن ۽ جيڪي لکندا هئا سو واقعي محسوس ڪندا هئا. انهيءَ ڪري سندن لکڻيءَ ۾ ڪافي جا ذبيت آهي.

مرحوم هڪ ڊرامو "يوسف زليخا" بہ لکيو هو، افسوس جو اهو ۽ ٻيا ڪيترا ننڍا ننڍا پمفليٽ سندن ڪاغذن مان غائب آهن. مرحوم شاعر نہ هو پر سندن بہ چار شعر مليا آهن. جيتوڻيڪ سندن شعر بحر وزن تي ٽا ڏسجن تاهم منجھن شاعريءَ واري نزاڪت ڪانہ آهي. شعر جي هڪ هڪ بند ۾ ڪنهن حقيقت جو اظهار ڪيل آهي، جنهن تي وڏا مضمون لکي سگھجن ٿا.

سنڌ جي تعليمي ترقيءَ کي مرحوم علي خان ابڙي جي شخصيت کان جدا ڪري نٿو سگھجي. هن محڪمي جو هر هڪ فرد انهيءَ حقيقت کي پوريءَ طرح ڄاڻي ٿو تہ مرحوم هن محڪمي جي پنهنجي خون ۽ پگھر سان پرورش ڪئي. سندن نالو انهيءَ ڏس ۾ سنگ ميل جي حيثيت رکي ٿو، مرحوم تعليم کي مروج ڪرڻ لاءِ ۽ پڙهائي جا صحيح طريقا سيکارڻ لاءِ سنڌ جي ڇپي ڇپي ۾ ويو، هر هنڌ ڪانفرنسون ڪيائين ۽ ليڪچر ڏنائين. ڪڇي، ڪاڇي ۽ ٿر جي دور دراز ڳوٺن تائين بہ ويو. هر هنڌ ماستر صاحبن ۽ ملا صاحبن کي ٻارن جي نفسيات تي ۽ تعليمي طريقن تي ليڪچر ڏنائين. تعليم مخزن ۾ وقت بوقت اهڙا مضمون ڏنائين ۽ انهيءَ سلسلي ۾ ايڏي محنت ۽ جان فشاني ڪيائين جو سندن لاءِ اُهي سرڪاري ريمارڪ





Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

هئا ته ”هو هڪ يگانه (Ideal) ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر آهي.“ ۽ ”هڪ بي لوث مبلغ واري چاهه سان ڪم ڪندڙ آهي.“ (Works with missionary Spirit) مرحوم جي تعليمي قابليت جو اندازو هن مان لڳائي سگهجي ٿو جو پندرهن منٽ صبح ۽ شام پڙهائڻ سان ٽن مهينن ۾ پاراٽو درجو ختم ڪرائي ويندا هئا ۽ سندن شاگرد الف-ب- سکڻ کان پوءِ ٽئين درجي جو ڪتاب آسانيءَ سان پڙهي ويندا هئا. هيءَ هڪ حقيقت آهي ۽ اهي سڀ شاگرد اجا زنده آهن.

مرحوم وٽ ڪتابن جي هڪ چڱي خاصي لائبريري هئي؛ افسوس جو اهي ڪتابن جا ڪبٽ 1942ع واري ٻوڏ ۾ لڙهي ويا.

مرحوم پنهنجي خانگي مسئلن کان گهڻو بي نياز هو. 1914ع ڌاري پرواري ڳوٺ مان هڪ معمولي وڏيري جي گهران شادي ڪيائون؛ سندن زال بلڪل اڻ پڙهيل ۽ عام رواجي عورتن وانگر هئي. پاڻ ڪيس ڪجهه پڙهايائون ۽ توري قرآني تعليم پڻ ڏنائون. عزت سان ڪيس ”بيگم“ ڪري سڏيندا هئا. سندن اها ”بيگم“ اجا حيات آهي. مرحوم جا ٽي پٽ ۽ ٻه نياٽيون به حيات آهن.

مرحوم جي سچائي، ايمانداري، همدرديءَ ۽ بي ڊپائيءَ جا ڪئين مثال آهن. بلڪل بااصول هئا ۽ پنهنجي اصول کي ڪڏهن به ڪنهن به، قيمت تي ڪونه ڇڏيائون. سفارش ته پنهنجي عملدارن جي به ڪانه ٻڌندا هئا.

مرحوم قد جا ننڍا ۽ بدن جا سنهڙا هئا. نهايت سادهه ۽ نهٺا هئا. رهائش ۽ پوشاڪ ۾ ڪوبه اڊمبر يا وڏائي ڪانه هئن. ڪاڏو جهڙو به ڏٻو هون، تهڙو ڪائي ويندا هئا ۽ شڪايت نه ڪندا هئا. سندن مائٽ گهڻو ڪري گنڏڙا ۽ گوڏر هئا. پر انهن کي وڏن جهڙي عزت ڏيندا هئا.

سندن اخلاق جو اهو سڀ کان وڏو ثبوت هو جو سندن گهر جا ڀاتي، عزيز ۽ نوڪر، سندن خلق جا گرويده هئا. سندن نوڪر ڇڏي وڃڻ ڪانپوءِ به سڪ سان وٽن ايندا هئا، ۽ بدلي ٿيڻ مهل روئي وهندا هئا. مرحوم ڪنهن کي به رنج نه پهچايو ۽ ڪوبه دشمن پيدا نه ڪيو. سندن دل نهايت نرم ۽ همدرديءَ سان ڀريل هئي. مرحوم علي بخش چنا صاحب، مسٽر الهه بخش انصاري صاحب ڊاڪٽر دائود پوٽي صاحب، سان سندن دلي دوستي هئي. هُو صاحب سندس اخلاق تي وڏيڪ روشني وجهي سگهندا.

1940ع ۾ ميرپور خاص مدرسي جي هاسٽل تان هڪ شاگرد ڪري پيو ۽ سندس جيرو ڦاٽي پيو. سول سرجن ڊاڪٽر سونيار چيو ته ڪونه بچندو. مرحوم روئي وينو ۽ ڏاڍيون دعائون گهريائين. قدرت الاهي ڇوڪرو چڱو ڀلو ٿي ويو ۽ ڊاڪٽر چيو ته هن کي دوائن نه پر دعائن بچايو آهي.

لکيءَ ۾ ٻن پهرن جو نٽهڻ اس ۾ ڇيائون ته اڄ جي مينهن پوي ته واهه جو نظارو


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ٿئي. پٽيوالن (جن مان هڪ اسماعيل اجا جيئرو آهي ۽ سکر ۾ پٽيوالو آهي.) ان وقت ئي سس پس ڪئي تہ ”خدا خير ڪري اڄ ڏاڍو مينهن پوندو.“ شام جو ڏينديون ڊورا لڳي ويا. اللہ تعاليٰ فطرت جي قوتن کي پنهنجي صالح بندن جو مطيع ڪري ڇڏيو آهي. ۽ ڪين اراده جي قوت سان نوازيو آهي.

مرحوم ۾ تعصب ترِ ماتر بہ نہ هو، سندن هندو ۽ مسلم شاگرد ڪين هڪ جهڙا پيارا هئا. ڪين انسان ذات سان محبت هئي.

مرحوم نهايت محنتي ۽ وقت جا پابند هئا. صوم ۽ صلواة تي سختيءَ سان عمل پيرا هئا. سندن اٿڻ، پڙهڻ، لکڻ، ڪائڻ، گهمڻ ۽ سمهڻ وقت تي هو. انهيءَ پروگرام ۾ منٽ جو تفاوت بہ مشڪل سان ٿيندو هو. ڪڏهن عيد جي ڏينهن بہ مرحوم ويهي پنهنجي ٻارن سان ڪچهري نہ ڪئي. نماز بعد وجي پنهنجي لکڻ پڙهڻ کي لڳندا هئا.

مرحوم عملي زندگيءَ جا نهايت قائل هئا، ايمان جي ڪسوٽي اعمال کي سمجهندا هئا. وفات کان ڪجهہ ڏينهن اڳ سندن ننڍي ڀاءُ کين چيو تہ ” هي ڪلمن پڙهڻ. جو وقت آهي. ڪلمان پڙهو پاڻ ڏانهس نهاري چيائون تہ ”ڪلمي پڙهڻ جو مطلب آهي تہ ان تي عمل پيرا رهڻ، اهو وقت تہ گذري ويو. هي تہ بيڪاريءَ جو وقت آهي. ڏسو آخري وقت ۾ بہ جذبات کان ڪيترو پري ۽ صحيح نظريہ تي قائم هئا. نهايت متوڪل شخص هئا. هن بي يقيني ۽ تذ بذب واري دؤر ۾ سندن شخصيت ايمان تازو ڪري ڇڏيندي هئي. دنيوي ڪمن کان مرحوم يا تہ بي نياز هئا يا بيخبر. هو پنهنجي ڌُن وارا هئا. وقتي پنهنجي سوچ ۽ تفڪر ۾ ايترو تہ ٽٻجي ويندا هئا جي ڪانس مزيدار ڪل جهڙيون ڳالهيون ٿي ويندين هيون.

مرحوم ٻهراڙيءَ کي وڌيڪ پسند ڪندو هو ۽ 1944ع ۾ ريٽائر ڪرڻ بعد گهڻو ڪري ڳوٺڙن ۾ گذاريندا هئا. صبح و شام هڪ هڪ ڪلاڪ وٽن هيئان اڪيلا ويٺا هوندا هئا. پڇاڙيءَ وارو ڪجهہ عرصو پنهنجي ننڍي نياٽي وٽ خيرپور جوسي ۾ گذاريائون جتي فيبروري 1954ع ۾ بيمار ٿيا ڪين لاڙڪاٽي آندو ويو.

گهٽي محنت سببان سندن دل وڏي وڏي تي پيئي هئي. ڪين پنهنجي ابدي سفر جا پرون پئجي ويا. چوندا رهيا تہ ملا مون کي غسل نہ ڏئي. ڪفن بہ درزي سبي. ملا جنازه نماز نہ پڙهائي، پٽر نہ ڪجو.ڪٽون اونڌيون نہ ڪجو، ڪير ۽ ڪاڌو بلاشڪ استعمال ڪجو، ختمي جو ثواب مون کي نہ پهچندو. منهنجي تربت وڏي نہ ڪجو، جمعہ 16 جولاءِ سندن زندگيءَ جو آخري ڏينهن هو. سندن سڄو ڪٽنب اچي ڪٺو ٿيو هو. آخرين ڏينهن تي مرحوم غسل لاءِ گهڻو زور ڀريو. ٻن پهرن جو ماني کاڻہ ڪاڏائون ۽ دوا پيڻ کان انڪار ڪيائون. پڇاڙيءَ تائين ڳالهائيندا رهيا. سادگيءَ جي تلقين ڪندا رهيا ۽ مشڪندا رهيا. سوا ڇهين بجي مهل ٽنهي پٽن کي گهرائي محبت


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

سان هلڻ جي تلقين ڪيائون. پوڻين ستين بجي شام جو پاسيرا سمهيا پيا هئا تہ ڪين هلڪو دؤرو ٿيو. اوچتو ست ڏيئي سڌا ٿي سمهيا. سندن قيمتي روح جنت البقا ڏانهن اڏامي ويا.

”جو ڳي پنهنجي جوءِ ويا، جهڙ جان نيڻ جهمن،
سخت ساميئڙن هنيئڙي منجهہ هرن،
سڄو موت مڱن، اڌ ڪنا آرام ٿئي.“

سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ اهل دل ۽ اهل قلم حضرات ماتم ڪيو. الوحيد ڪين ”سنڌي ادب جو چمڪندڙ ستارو“ سڏيو. نواءِ سنڌ ڪين ”سنڌ جو ممتاز اديب ۽ تعليمي ماهر“ ظاهر ڪيو. حريت ڪين ”مفڪر ۽ دانشمند“ سمجهيو. ماستر صاحبن پنهنجي جهوني محسن لاءِ ”غم ۽ افسوس“ جو اظهار ڪيو.

مرحوم کي سترهين جولاءِ 1954ع تي صبح جو ساڍي نوين بجي لاڙڪاڻي ۾ قائم شاهہ بخاريءَ جي درگاهہ ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو.

اڄ نہ اطاقن ۾ تازا پٽر ڪک،
آديسي اٿي ويا. پيئي اڏامي رک،
سامي ڪٽي سنک، وڃائي وات ٿيا.

*(شاهہ)*

*(ماهوار نئين زندگي حيدرآباد نومبر 1954ع)*


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# علي خان ابڙو

جناب علي خان ولد عمر خان ابڙو 1888ع ڌاري تعلقي ميهڙ ضلعي دادو (تنهن وقت ضلعو لاڙڪاڻو) جي هڪ ننڍي ڳوٺڙي ’سانگي‘، تپو منگواڻي ۾ پيدا ٿيو. سندس والده ماجده جو نالو بصره خاتون هو. علي خان، جنهن کي سڀ ڳوٺاڻا ’خان‘ ڪري سڏيندا هئا، نهايت ذهين ۽ قابل شاگرد ثابت ٿيو. انهيءَ ڪري سندس والد کيس سنڌ مدرسته السلام ڪراچي ۾ داخل ڪرايو. هُو ايڏو ته ذهين ۽ هوشيار هو جو سڄي بمبئي يونيورسٽيءَ ۾ يعني: سنڌ، گجرات، مهاراشٽر ، راجستان ۽ پُونا ۾ مئٽرڪ کان وٺي بي اي، ايم اي تائين هندن توڙي مسلمانن ۾ پهريون نمبر آيو. اهڙو ڪارنامو ٻئي ڪنهن به هندو توڙي مسلمانن سر انجام نه ڏنو هو. کيس بمبئي ۾ يونيورسٽيءَ جو فيلو مقرر ڪيو ويو. پوءِ ته مشهور تعليمدان ۽ استاد ٿيو. ٻالجتيءَ کان پنج وقتو نمازي ۽ خدا ترس بزرگ هو. عربي، فارسي ۽ انگريزي علوم جو ماهر هو.

جيتوڻيڪ انگريزي ادب جا شاهڪار ڪتاب هميشه پاڻ سان گڏ رکندو هو پر سندس والهانه محبت هئي حضور اڪرم ﷺ جي سيرت ۽ قرآن حڪيم سان. قرآن حڪيم جو ڪو اهڙو ترجمو يا تفسير نه هو جيڪو سندن مطالعي ۾ نه آيو. شاهه ولي الله، مولانا اشرف علي ٿانوي، مولانا يوسف علي، لنڊن جي خواجه ڪمال الدين، مولانا ابوالڪلام آزاد، پڪٿال، گابا ۽ علامه المشرقي وغيره جي لکڻين ۽ خيالات جو چڱيءَ طرح مطالعو هئس ۽ وٽس هر وقت عالم سڳورن جي آمد ۽ بحث مباحثي جو سلسلو جاري هوندو هو. پاڻ مولانا تاج محمود امروٽيءَ کان گهڻو متاثر هئا ۽ اڪثر وٽن حاضري ڀريندا هئا. پاڻ گهٽ ۾ گهٽ 40 سال لکندا رهيا. انهن مان ڪيترا ئي ڪتاب قرآن، سيرت، اسلامي اخلاق ۽ معاشري بابت لکيائون جيڪي تمام مقبول ٿيا ۽ اسلامي سوچ جي جديد لهر سڄي سنڌ ۾ گونجي اٿي. جديد معاشيات تي هڪ ڪتاب ’اسلام ۽ ڪميونزم‘ به لکيائون. محترم محمد عثمان ڏيپلائي ڪانئن گهڻو متاثر هو ۽ اڪثر وٽن ايندو هو. مولانا عبدالحق نصرپور وارو ۽ مولانا محمد اسماعيل لغاري مِسڻ وارو، جي وڏا انقلابي سوچ رکندڙ عالم هئا، سي به وٽس ايندا هئا. باقي، مولانا محمد صادق کڏي واري وٽ پنهنجي سر وڃي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

علم جو فيض حاصل ڪندا هئا.

هُن ’تفسير المُنير‘ جي نالي هيٺ هڪ تفسير ويهين صديءَ جي پُر آشوب ۽ اٿل پٿل واري دور ۾ ترتيب ڏنو يا لکيو. سڄي عمر روزانو قرآن شريف يا تفسير جو مطالعو ڪندي ڪين محسوس ٿيو ته ڪيس عوام الناس لاءِ سليس ترجمو ۽ تفسير لکڻ کپي. سو، ڪيترن عالمن سڳورن سان تبادلہ خيالات ڪندي 1945 ع ڌاري تفسير لکڻ شروع ڪيائين. جيڪي ڪجھ لکندو رهيو، سو عالمن سڳورن کي وقت بہ وقت ڏيکاريندو ۽ ان متعلق تبادلہ خيالات ڪندو رهيو. مولانا ابوالڪلام آزاد ۽ علامہ يوسف علي جا تفسير سندس پسنديده هئا پر سندس دلي ۽ روحاني لاڙو مولانا تاج محمود امروٽي ڏانهن هو. آخري دور ۾ هن جون تفصيلي ملاقاتون حضرت مولانا پير عبدالستار جان سرهندي سان رهيون جيڪو وڏو عالم ۽ روحانيت جو صاحب هو. تفسير مڪمل ٿيڻ کان پوءِ اهو مولانا غلام محمد ۽ علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب بہ نظر مان ڪڍيو. اهو ترجمو ۽ تفسير مڪي معظم جي قاري سعيد احمد صاحب کي بہ نظر مان ڪڍڻ لاءِ ڏنو ويو هو، جنهن لکت ۾ پنهنجي پسنديدگيءَ جو اظهار ڪيو. وڏي ڳالھ تہ اهو حضرت مولانا عبدالڪريم پير شريف وارن کي ڏنو بہ ويو، جنهن پڙهي فرمايو تہ، ”اسان پاڻ تفسير لکڻ جو سوچيو هو، پر هي تفسير پڙهڻ کان پوءِ اسان کي ڪا خاص ضرورت محسوس نہ ٿي ٿئي.“

مون کي بابا جو (علي خان ابڙي صاحب جو) آخري خط 30 جون 1954ع ۾ مليو جنهن ۾ لکيو هئائون تہ تفسير مڪمل ٿيڻ سان سندس زندگيءَ جو مقصد پورو ٿي چڪو هو. پاڻ 16 جُولاءِ 1954ع تي وفات ڪيائون.

(20 سيپٽمبر 1996، ڪراچي

( تفسير المنير جي مهاڳ تان ورتل ٽڪرو)


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

## عبدالستار پيرزادو

# امر شخصيت

سنڌ ڌرتيءَ جو قابل فرزند ممتاز تعليمي ماهر، علم ادب جو ناميارو استاد ، اسلام جي جديد انداز ۾ تشريح ۽ انقلابي نهج جي مطالعي ڪرڻ واري عظيم شخصيت علامه علي خان ولد عمر خان ابڙو سال 1888ع ۾ ڳوٺ سانگي، نزد ميهڙ دادو (تنهن وقت ضلعو لاڙڪاڻو جو حصو) ۾ پيدا ٿيا. سندس والد بزرگوار پڻ پنهنجي وقت جو هڪ نيڪ انسان هو، جنهن پاران اعليٰ تربيت سبب علي خان ابڙو صاحب تعليم، اخلاق کان علاوه روواداري ۽ حسن سلوڪ جي بَنيءَ ۾ پچي ريٽو ۽ ڪندن بڻيو. ڪيس ماحول ته غريبيءَ وارو مليو پر قدرت پاران ذهانت، ڏاهپ ۽ محنت جي بي انداز دولت به نصيب ٿي هئي.

ابتدائي تعليم ڳوٺ پرسان قائم منگواڻي پرائمري اسڪول مان حاصل ڪيائين. ڪيس ننڍپڻ کان ئي ڳوٺاڻا پيار منجهان 'خان' سڏيندا هئا. ذهانت، هوشياريءَ ۽ علم سان چاهه ڏسندي والد صاحب ڪين سنڌ مدرسته السلام اسڪول ڪراچيءَ ۾ داخل ڪرايو. پاڻ ايترو ته هوشيار هو جو سڄي بمبئي يونيورسٽي يعني سنڌ، گجرات، مهاراشٽر، راجستان، ۽ پُونا سميت تمام علائقن ۾ مئٽرڪ جي امتحان کان وٺي بي اي، ايم اي تائين هِندن توڙي مسلمانن ۾ پهريون نمبر آيو. سال 1912ع جهونا ڳڙهه ڪاليج مان ايم اي پاس ڪري اهو ثابت ڪيائون ته ڪامل عزم ۽ جدوجهد سان انسان دنيا ۾ هر ڪاميابي ماڻي سگهي ٿو. ان کان اڳ اهو ڪارنامو ڪنهن به سنڌي هِندو توڙي مسلمان سر انجام ڪونه ڏنو هو. هي وڏو اعزاز پڻ هڪ لاڙڪاڻي واسيءَ ماڻيو.

ڪين بمبئي يونيورسٽيءَ جو فيلو مقرر ڪيو ويو، جنهن بعد تمام ٿوري عرصي ۾ پاڻ هر دلعزيز استاد ۽ نامياري تعليمي ماهر جي حيثيت ۾ سڃاتا ويندا هئا. در اصل، ننڍپڻ کان خان صاحب غريبي ۽ ڳوٺاڻي ماحول ۾ رهيا ۽ پڙهيا تنهن ڪري ڪين ڪنهن ڏورانهين ڀهراڙين ۾ رهندڙ غريب ماروئڙن جي اولاد ڪي تعليمي سهوليتون ميسر نه هئڻ جو احساس هر وقت هوندو هو، انڪري غريبن سان محبت ڪرڻ ۽ غريبن جي اولاد ۾ تعليم جي دولت عام ڪرڻ ڪي پنهنجي زندگيءَ جو نصب العين ۽ مقصيد حيات بڻايو. اهڙيءَ طرح پاڻ تعليم جي محڪمي ۾ ملازمت اختيار ڪيائون جڏهن ته ڪين ٻيون به ڪيتريون سٺيون نوڪريون پڻ ملي پئي سگهيون. علمي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

قابليت، سچائي، نظم ۽ ضبط سبب عام طرح کين 'خانصاحب' جي نالي سان مخاطب ڪيو ويندو هو. جڏهن پاڻ تعليم کاتي ۾ آفيسر مقرر ٿيا ته پوءِ تعليم کي عام ڪرڻ لاءِ سنڌ جي ڏورانهن علائقن ۾ اُٺن تي سوار ٿي سفر ڪيائون. هن سلسلي ۾ پاڪستان ٺهڻ کان اڳ ڪونڪر، ڪرچات، گڏاپ، جوهي، مٺي، نگرپارڪر، ڇاڇرو، عمر ڪوٽ، ٿل، ڀان سيد آباد ۽ خدا آباد جهڙن پوئتي پيل ڏورانهن علائقن جا طوفاني دورا ڪري ڪيترا ئي سرڪاري ۽ غير سرڪاري اسڪول قائم ڪري تعليم جي روشني ڦهلائڻ جي سعادت حاصل ڪيائين. هن نيڪ ڪم ۾ گهڻو ڪري هندو واپاري سيٺ، مسلمان وڏيرن کان وڏيڪ مالي مدد ڪندا هئا.

خانصاحب جي ايمانداري پڻ پنهنجو مثال پاڻ ۽ حد درجي جي بلندي تائين پهتل هئي. پاڻ به سرڪاري يا غير سرڪاري دوري وقت ڪنهن به استاد جي ماني کونه کائيندا هئا، ڪنهن جي به دعوت نه قبوليندا هئا. سفر ۾ هر وقت ساڻن کاڌي پيتي ۽ سيڌي سامان جي پيتي هڪ اُٺ تي گڏ هوندي هئي. در اصل، خانصاحب هڪ تبليغي جوش جذبي وارو تعليمي آفيسر هو، جيڪو هر وقت ڪنهن نه ڪنهن ڏورانهين علائقي ۾ اسڪول قائم ڪرڻ جي جستجو ۾ مست ۽ مگن هوندو هو. تعليم لاءِ سندن اهو جوش جذبو ۽ وِلولو ڏسي اعليٰ انگريز عملدار کين هڪ آئڊيل يا تصوراتي تعليمي ماهر آفيسر سڏيندا هئا. علي خان ابڙي صاحب جي تعليمي خدمتن کي ڏسندي سرڪار پاران کين 'خانبهادر' لقب ڏيڻ جي آڇ به ٿي جيڪا پاڻ قبول نه ڪيائون. حالانڪ ان دور ۾ انگريز سرڪار وٽ وقت جا نواب، سردار، وڏيرا، امير، ڪبير، خانبهادر لقب حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيترائي جتن، حيلا، دعوتون ۽ خوشامدون ڪندا هئا.

علامه ابڙو صاحب ننڍپڻ کان ئي خدا ترس شخصيت جا مالڪ ۽ پنج ئي وقت نماز پڙهڻ جا پابند هئا. فارسي ۽ انگريزي علوم جا خاص ماهر هئڻ کان علاوه انگريزي ادب جا شاهڪار ڪتاب هميشه وٽن هوندا هئا. پر حضور اڪرم ﷺ ۽ قرآن مجيد سان والهانه محبت ۽ عقيدت هين. قرآن شريف جو ڪو به اهڙو ترجمو يا تفسير نه هوندو، جيڪو سندس مطالعي ۾ نه آيو هجي. شاهه ولي الله، مولانا اشرف علي ٿانوي، مولانا يوسف علي، ابوالڪلام آزاد، پڪٿال، گابا ۽ علامه مشرقي جي لکڻين ۽ خيالن جو چڱيءَ طرح مطالعو هيس. وٽن هر وقت عالم سڳورن جي آمد ۽ بحث مباحثي جو سلسلو جاري هوندو هو. پاڻ مولانا تاج محمود امروٽي صاحب کان گهڻو متاثر هئا ۽ اڪثر وٽن حاضري ڀريندا هئا.

جناب علي خان ابڙو صاحب 1930ع ۾ مستقل طرح لاڙڪاڻي لڏي آيا ۽ شهر جي ڪرمان باغ جي پاڙي ۾ رهائش اختيار ڪيائون. پاڻ تعليم کاتي ۾ آفيسر کان علاوه مختلف وڏن اسڪولن ۾ بحيثيت پرنسيپال پڻ ملازمت ڪيائون، جنهن ۾


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

مدرسه هاءِ اسڪول ميرپور خاص جي پرنسپالي به شامل هئي. هن منصب تان 1944ع ۾ رٽائرمينٽ حاصل ڪيائون. رٽائرمينٽ کان پوءِ، سندن تعليمي خدمتون، بلند اخلاق، ايمانداري، سادگي ۽ ڪارڪردگيءَ کي ڏسندي سنڌ بلوچستان جي وڏي محترم شخصيت نواب غيبي خان چانڊيي صاحب پڻ پنهنجي پوٽي نواب احمد سلطان خان چانڊيو صاحب جو اتاليق مقرر ڪيو.

علامه ابڙي صاحب جو علم ادب سان ذوق شوق ۽ مطالعو تمام گهڻو وسيع هو. پاڻ ڪيترائي ڪتاب لکيائون جيڪي گهڻو ڪري معاشري ۾ بد اخلاقي ۽ وهم پرستيءَ جي خلاف هئا. ڇاڪاڻ ته پاڻ مُلن ۽ پيرن جا ڪٽر مخالف هئا، تنهن ڪري ڪين اڪثر مخالفن پاران 'وهابي' هئڻ کان علاوه مختلف فتوائن سان به مقابلو ڪرڻو پيو. هي مرد مجاهد پنهنجو قلمي جهاد آخري وقت تائين جاري رکيو آيو.

ابڙي صاحب جا مشهور ڪتاب 'اسلام ۽ ترقي'، 'اسلام ۽ اليڪشن'، 'حالات نبوي'، 'رسومات تباهي'، 'اخلاقي گلدستو'، 'احاديث نبوي'، 'تعليمات اسلام'، 'اسلام ۽ ڪميونزم ' آهن. انهن کان علاوه ٻين علمي، تعليمي ۽ سماجي مسئلن تي لڳاتار لکندو رهيو. 1945ع کان 1954ع تائين قرآن شريف جو سليس ترجمو ۽ تفسير سنڌي ٻوليءَ ۾ لکي مڪمل ڪيائين، جنهن ۾ قرآن شريف ۽ اسلام جي سولي تشريح ڪيل آهي. هيءَ هڪ وڏي محنت ۽ عظيم ڪارنامو آهي. هي تفسير ۽ ترجمو اٽڪل 1200 صفحن تي مشتمل آهي، جيڪو سال 1998ع ۾ سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي پاران شايع ٿيو آهي.

خانصاحب علامه علي خان ابڙو صاحب تقسيم هند جو مخالف هو، هن ڏس ۾ پاڻ مختلف اخبارن ۾ ڪيترا مضمون لکيا اٿس، جنهن ۾ دليلن سان تقسيم هند جي مخالفت بابت پنهنجي سوچ ۽ راءِ جو اظهار ڪيو اٿس. هي عظيم انسان باڪمال، باعمل شخص، نيڪ سيرت ۽ صورت، اخلاق جو مجسمو، ايمانداري ۽ سچائيءَ جو مثال، سادگيءَ جو ساٿي، عزت جو رکوالو، ضمير جو سچو، قول ۽ فعل ۾ کرو، وڏو جرئتمند، جينيس، انقلابي، عالم فاضل مصنف، سماج سڌارڪ، سنڌ جو سر سيد احمد خان هو. تعليم جي شعبي ۾ خدمت وٽس عبادت برابر هئي.

هي فرشتو تاريخ 16 جولاءِ 1954ع تي لاڙڪاڻي ۾ انتقال ڪري ويو. سندس آخري آرامگاهه لاڙڪاڻي شهر ۾ درگاهه قائم شاهه بخاري لڳ قبرستان ۾ آهي.

سندس اولاد ۾ شمس الدين ابڙو وڪيل لاڙڪاڻي جي مشهور ۽ قانوندادن شخصيت ٿي رهيو. ٻيو نمبر پٽ ناميارو ليکڪ جمال ابڙو صاحب عدليه جي شعبي سان وابسته رهيو ۽ ٽيون نمبر پٽ انجنيئر ڪمال الدين ابڙو هو.

(لاڙڪاڻو، امر شخصيتون، آگسٽ 2000ع ۾ ڇپيل)


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# حضرت علامه علي خان ابڙو
# جي وفات حسرت آيات

هيءَ خبر ڏاڍي سنڌ جي مسلمانن کي سخت صدمي ۽ ارمان ڏيندو جو علامه علي خان صاحب ابڙو 16 جولائي 1954ع تي ڪجھ عرصي بيماريءَ بعد لاڙڪاڻي شهر ۾ هن جهان فاني مان رحلت فرمائي ويو. اناللہ وانا اِليہِ راجعون. مرحوم صوم و صلوات ۽ شريعت جو سخت پابند هو. سوين ڪتاب لکي سنڌ ۾ علم ادب کي ترقيءَ جي منزل تي آندو. مرحوم سنڌي جي مايہ ناز هستي هو. هن صاحب جيڪي علم ۽ ادب جي خدمت ڪئي ۽ شرڪ ۽ بدعت خلاف جهاد ڪري اسلام جي جيڪا خدمت ڪئي سا تواريخ ۾ هميشه يادگار رهندي. هن قضيہ تي مان پنهنجي قوم ۽ جماعت پاران مرحوم جي وڏي فرزند ارجمند مسٽر شمس الدين وڪيل ۽ سندس پائرن ۽ عزيزن سان دلي همدردي ڪريان ٿو ۽ دعا گهران ٿو تہ خدا تعاليٰ مرحوم کي جنت الفردوس ۾ جاءِ عطا فرمائي ۽ پوين ۾ برڪت وجهي ۽ صالح ڪري. آمين

*فيض محمد سيال لاڙڪاڻو (الوحيد - 24 جولاءِ مخزن جنوري 1954ع)*

# آه! مسٽر علي خان ابڙو

سنڌ جي تعليم کاتي ۽ ديگر علم دوست حضرات وٽ هيءَ منحوس خبر نهايت ڏک ۽ الم سان ٻڌي ويندي تہ سنڌ جو ديندار علم دوست ۽ تعليمي آفيسر مسٽر علي خان ابڙو داعي اجل کي لبيڪ چئي راهہ عدم ڏي راهي ٿي ويو آهي. انا اللّٰه وانا الہ راجعون اسان هن اداره طرفان سندس پسماندگان خصوصاً مسٽر جمال الدين ۽ مسٽر شمس الدين صاحبان سان دلي همدردي جو اظهار ڪريون ٿا. شال مرحوم کي رب پاڪ غريق رحمت عطا ڪري آمين.

*(هفتيوار "همدرد" ميرپور خاص 6 آگسٽ 1954ع)*


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# علامه علي خان ابڙو جا خط مولانا دين محمد وفائي مدير ”توحيد“ ڏانهن

(1)

جناب مولوي دين محمد صاحب مدير رسالہ ”توحيد“

بعد اسلام عليڪم جي عرض تہ ”توحيد“ جو پهريون نمبر عنايت ٿيو. بي انتها خوشي حاصل ٿي. ٻہ رپيا چند و اڄ موڪليو ويندو. اڄ ئي جيڪب آباد ۾ پنهنجي دوستن کي توحيد جو پهريون نمبر ڏيکارڻ ويس جن رسالہ گهرائڻ وڏي خوشي سان قبول ڪيو. مهرباني ڪري ڪين پهريون نمبر ڏياري موڪلڻ فرمائيندا. ٻيا دوست اڄ نہ ملي سگهيا. اميد تہ هتان لاڙڪاڻي مان اٽڪل ويهہ دوست اهڙا ليي سگهندا جي خوشيءَ سان ”توحيد“ جا خريدار ٿيندا.

تبليغ هڪ وڏي ۾ وڏو اسلامي فرض آهي. بلڪ سچو جهاد آهي، مگر تبليغ فقط غير مسلمانن لاءِ محدود سمجهڻ نہ گهرجي. اڄ ڪلهہ خود اسان مسلمانن جي اهڙي نازڪ حالت آهي جو مسلمانن ۾ ئي سچي اسلام جي اشاعت ڪرڻ جي اشد ضرورت آهي، مسلمان 95 في سيڪڙو بلڪل جاهل آهن، جيڪي پڙهيل آهن سي وري گهڻو ڪري سرڪاري اسڪولن ۾ پڙهيا آهن. جتي اسلام جو الف بہ ڪونہ سيکاريو وڃي، ٻيا تہ ڇڏيو پر ماستر بہ گهڻا اهڙا ليندا جن کي ڪلمي شريف جي معنيٰ بہ نہ ٿي اچي. انگريزي دانن ۾ وري اهڙابہ آهن جي مذهب کي پاڳلپڻو ٿا سمجهن، اهڙي حالت تي ويچار ٿو ڪجي تہ مايوسي وٺيو وڃي، مگر مايوسي ۽ اسلام متضاد الفاظ آهن، فقط هڪڙوئي سچو مسلمان ڪم کي لڳي وڃي تہ خدا تعاليٰ جي اعانت سان انقلاب پيدا ڪري ڇڏي.

منهنجو عرض آهي تہ هن رسالہ ۾ گهٽ ۾ گهٽ ۾ ٽي صفحہ سيرت النبي ﷺ لاءِ ڪيا وڃن ۽ گهٽ ۾ گهٽ ٻہ صفحا قرآن مجيد جي ٿورين آيتن جي معنيٰ ۽ سمجهاڻي لاءِ رکيا وڃن. انهيءَ لاءِ تہ مسلمانن خواهہ غير مسلمانن کي رسول ﷺ جن جي حميده صفات ۽ قرآن مجيد جي اعليٰ تعليمات ۽ خوبين جي واقفيت حاصل ٿيندي وڃي.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

مگر سوال آهي تہ رسالو ڪيترن مسلمانن غيرمسلمانن وٽ پهچي فيض جو ڪم ڏيندو. مون قوم جي خدمت ۾ بار بار عرض پيش ڪيو تہ جيستائين تنظيم جو ڪم هٿ ۾ نہ ڪنيو ويندو تيستائين ڪابہ ترقي ڪرڻ نهايت محال آهي. تنظيم جو پهريون ڏاڪو آهي هر هڪ مسجد کي مرڪز بنائڻ. جيڪڏهن هر هڪ مسجد جا جماعتي گڏجي هڪ اسلامي رسالو ۽ هڪ اسلامي اخبار گهرائي مسجد شريف جي حجري ۾ رکن، تہ نهايت آسانيءَ سان تنظيم ڪري سگهن ٿا. گهر گهر تي فقط پيسو يا ٽڪو يا آنو ماهوار چندو رکجي، جيڪا رقم جمع ٿيندي تنهن مان نہ رڳو هڪ رسالو ۽ هڪ اخبار گهرائي سگهبي، مگر بچت مان ٻيا ڪم بہ ڪري سگهبا. منهنجو عرض آهي تہ عالم سڀورا ۽ ماستر ۽ معلم هن ڪم کي لڳي وڃن ۽ پنهنجي پنهنجي ڳوٺ ۾ اهو ڪم شروع ڪري ڏين. ٻي وڏي ضرورت هيءَ آهي تہ اسان جي ٻچن کي اسلامي تعليم ضرور هئڻ گهرجي. اسڪول بورڊن جي ميمبرن کي عرض ڪجي تہ گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڪلاڪ هفتي ۾ ديني تعليم کي ڏنا وڃن ۽ جناب مولوي فتح محمد صاحب جا ڪتاب پاڙهيا وڃن.

افسوس آهي تہ اڄ ڪلهہ ڪن ماڻهن تبليغ ۾ شڌي تحريڪ جي باري ۾ قومي عداوت جو خيال پيدا ڪري وڌو آهي. هندو ڌرم ۾ اگرچہ شڌي جائز نہ آهي تہ بہ ڪي هندو صاحب اسلام تي حملا ۽ شڌي جو پرچار فقط هن نيت سان ٿا ڪن تہ هندن جو عدد گهٽجڻ بدران وڌي ۽ مسلمانن سان مقابلہ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيون. اها نيت نهايت ڏڪار جوڳي آهي ۽ نهايت نقصان ڪار نتيجا پيدا ڪندي. اميد تہ مسلمان انهيءَ نيت کان پاڻ بلڪل صاف پاڪ رکندا. نيت فقط هي رکڻ گهرجي تہ مسلمان خواهہ غير مسلمان سئين راهہ تي اچن ۽ دنيا ۽ آخرت جي بهبودي ۽ خوشنودي حاصل ڪن ۽ الله تعاليٰ جو راضپو ۽ ديدار نصيب ٿين. فقط تعداد وڌيو تہ ڇا ٿي پيو. هن وقت دنيا ۾ اٽڪل پنجاهہ ڪروڙ مسلمان آهن. مگر انهن پنجاهہ ڪروڙ جي بدران فقط پنجاهہ مسلمان اصحابن سڀورن جهڙا خصوصاً سيدنا ابوبڪر صديق جهڙا هن وقت موجود هجن ها تہ الله تعاليٰ جي اعانت سان سڄي دنيا ۾ ڪروڙ سچا مسلمان پيدا ڪري ڇڏين ها ۽ غيرمسلمان يا تہ ساڻن سچي صلح ۽ دوستي ۾ رهن ها يا تہ وڙهي فنافي النار ٿي وڃن ها. ڏسو تہ وائلي عرب مسلمان فقط چند هزار هئا، رسول ﷺ جي وصال وقت هر طرف، خود عربستان ۾ چوڌاري بغاوت ڦهلجي وئي تہ ٻئي پاسي قيصر ۽ ڪسريٰ دنيا جا زبردست شهنشاهہ مسلمانن کي پائمال ڪرڻ لاءِ اٿي ڪڙا ٿيا. مگر نتيجو هي نڪتو جو بي سرو سامان مسلمانن ساڳي ئي وقت بغاوتين کي بہ مغلوب ڪيو ۽ صرف ستن سالن اندر ڪسريٰ جي سڄي سلطنت ۽ قيصر جي جو وڏو حصو بہ قبضو ڪري ورتو. تنهنڪري اسان کي تعداد جي ايتري ضرورت ناهي جيتري پاڻ کي سچي مسلمان بنائڻ جي. جيڪڏهن اسان سچا مسلمان ٿيون تہ اسان هر


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

طرح خوشحال ٿي وڃون ۽ ڪابہ قوم اسان جو وار بہ ونگو نہ ڪري سگهي. بلڪ سڀ قومون جوق درجوق اسلام ۾ داخل ٿي وڃن.

اسلام جي تبليغ اسان جي هندو ڀائرن کي غصہ ۾ بيتاب ڪري ٿي ڇڏي، مگر خبر ناهي تہ ڇو؟ فطرتاً هر ڪو انسان پنهنجي خيال جي اشاعت ڪري ٿو خوش ٿئي ٿو. جيڪڏهن ڪوبہ انسان سندس خيال قبول ڪري ٿو. پوءِ جيڪڏهن ڪو مسلمان يا هندو يا عيسائي پنهنجي پنهنجي مذهب جي تبليغ ڪري تہ اهو اٽلندو چڱو ڪم آهي، مگر شرط آهي تہ جائز طريقا ڪم آٽجن. زور زبردستي ڪم نہ آٽجي، لالچ نہ ڏجي. نڪي ننڍن ٻارن کي قبضي ۾ آڻي سندن اباڻي دين ۾ دست اندازي ڪجي.اجا بہ وڏي ڳالھ آهي تہ تبليغ ڪرڻ ۾ سچ ۽ انصاف کان ڪم وٺجي مثلاً جيڪڏهن هندو صاحب ڄاڻي واڻي ڪوڙا حملا اسلام تي ڪندو رهي ۽ اگرچہ مسلمانن وٽان انهن اعتراضن جو چڱو جواب ڪيس ملي وڃي تہ بہ اهو جواب پنهنجي تحرير يا تقريرن ۾ نہ ڄاڻائي بلڪ ساڳيا حملا ڪندو رهي ۽ پنهنجي ڌرم جون اُهي خوبيون ٻڌائيندو رهي جي در حقيقت ويدن ۾ هجن ئي ڪونہ ۽ اُهي خاميون لڪائيندو رهي جي ويدن ۾ يا هندو سوسائٽي ۾ موجود هجن، تہ اها پنهنجي هندو قوم سان وفاداري ناهي پر غداري آهي، چڱائي ناهي پر برائي آهي ۽ ان ۾ ترقي ناهي پر تباهي آهي. جيڪڏهن ويدن جي تعليم چڱي آهي تہ ويدن جو ترجمو هندن ۽ غير هندن جي آڏو پيش ڪجي پر ترجمو بہ اهڙو تہ هجي جنهن کي ترجمو چئي سگهجي. مسلمانن کي بہ اهائي صلاح ٿي ڏجي. مگر مسلمانن کي ان صلاح جي چند ان ضرورت ناهي. قرآن شريف ترجمي سان بيشمار موجود آهن ۽ رسول الله ﷺ جون سوانح عمريون بہ بيشمار موجود آهن، هندو صاحبن کي عرض آهي تہ اُهي پڙهي پوءِ سچي نيت سان اعتراض ڪن ۽ انهن جا جواب طلب ڪن، باقي جيڪڏهن فقط تعداد وڌائڻ خيال سان حملا ڪندا تہ اسلام ۽ مسلمانن کي ڪجھ بہ ڪري نہ سگهندا. مگر پنهنجي قوم کي بي انتها نقصان پهچائيندا.

*بررسولان بلاغ باشدوبس (توحيد- مارچ 1934)*

(2)

بخدمت جناب ايڊيٽر صاحب رسالہ توحيد

بعد السلام عليڪم جي عرض تہ توهان صاحبن منهنجي مضمون شائع ڪرڻ بعد جيڪو نوٽ فرمايو آهي تنهن بہ نسبت ڪجھ هيٺ لکان ٿو جو پڻ مهرباني ڪري رسالہ توحيد ۾ شايع ڪرڻ فرمائيندا تہ نهايت ٿي احسان.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

توهان صاحبن جيڪي الفاظ”ايمان بچائي خير جو وقت گذاري دنيا مان لڏي وڃڻ “ بہ نسبت لکڻ فرمايا آهن تن بابت منهنجو عرض آهي تہ مان پاڻ سچي حياتي اهڙن خيالن جي خلاف جهاد ڪيو آهي. مون هميشہ اها تبليغ پي ڪئي آهي تہ خالي الله الله ڪري صلواتون پڙهڻ، وظيفہ ڪيڻ بلڪ نماز روزا وغيره ادا ڪرڻ اسان جو رڳو هڪ جزو آهي. اسلام سيني دنيائي امورن معاملن بابت اُهي سڀ اصول ۽ احڪام ڏئي ٿو جن تي عمل ڪرڻ سان انسان هن دنيا ۾ بہ اعليٰ درجي تي پهچي آزاد ۽ حڪمران ٿئي ٿو ۽ آخرت ۾ بہ جنت ۾ داخل ٿئي ٿو. اسلام نہ رڳو اخلاقي تعليم ٿو ڏئي پر معاشرتي ۽ سياسي قانون، سِول ۽ فوجداري قاعدا، حڪمراني، جنگ ۽ صلح جا قانون ٿو سيکاري. دنيا جي سيني ڪمن ڪارين جا بنيادي قانون قرآن شريف ۾ سيکاريل آهن. جيڪي مضمون تازو توهان صاحبن جي رسالي ۾ ڇپيا آهن تن ۾ بہ انهيءَ ڳالھ تي زور ڏنو ويو آهي. مان سمجهي نٿو سگهان تہ ڪيئن ايتريقدر غلط فهمي پيدا ٿي آهي.

توهان صاحبن پوءِ لکڻ فرمايو آهي تہ جيڪڏهن سچي مسلمان جي اها معنيٰ ڪِجي جا مسٽر علي خان هتي سمجهائي آهي تہ پوءِ مايوسي ۽ نااميدي ڪانسواءِ ٻيو ڪجھ بہ نظر نہ ايندو، ڇاڪاڻ تہ انهيءَ نموني جا سچا مسلمان نڪي هن زماني ۾ پيدا ٿيندا نڪا خودحڪومت حاصل ٿيندي. مگر منهنجي سيني مضمونن جو نچوڙ هي آهي تہ قرآن شريف تي عمل ڪرڻ سان سڀ ڪجھ حاصل ٿي سگهي ٿو. ائين آهي ڇا تہ عياشي، سُستي، بداخلاقي، نفاق، خود غرضي، ٺڳي، منافقي ۽ هڪ ٻئي سان وڙهڻ ۽ ڳلا ڪرڻ سان ئي ترقي ڪري خود حڪومت حاصل ڪري سگهنداسين نہ نيڪ اخلاقن، ايثار، جان نثاري، اتحاد ۽ اطاعت امير وغيره سان؟ منهنجو اهو مطلب بہ ڪونہ آهي تہ جيستائين مسلمان بااخلاق ۽ سچا مسلمان نہ ٿيا آهن تيستائين هٿ تي هٿ رکي ويٺا هجن. آزادي ۽ خود حڪومت لاءِ گڏجي نظام ناهي جهاد ڪرڻ سوبہ تہ قراني تعليم ۾ داخل آهي. مطلب تہ سيني قرآني حڪمن تي هڪدم عمل شروع ڪري ڏجي عمل ڪان سواءِ ڪجھ بہ حاصل نہ ٿيندو. مان بہ انهيءَ تي ايمان ۽ انهن ئي عملن جي تبليغ ٿو ڪيان جن جي ذريعہ اوائلي مسلمانن رومتہ الڪبريٰ ۽ ايون ڪسريٰ تي قبضو ڪيو. اُهو ايمان ۽ اُهي اعمال قرآن شريف ۾ ڪونہ سيکاريل آهن. ڇا؟ منهنجو عقيدو آهي تہ دنيا ۾ ترقي، آزادي ۽ حڪومت جا بنيادي قانون ۽ وسيلا سڀ قرآن شريف ۾ موجود آهن جن تي عمل ڪرڻ لاءِ مسلمانن تي فرض آهي تہ يڪمشت ٿي نظام ناهي گامزن ٿين. توهان صاحبن وڌيڪ لکڻ فرمايو آهي. تہ ” جنهن ايمان ۽ اعمال سان اوائلي مسلمانن بلندي حاصل ڪئي سو فقط ڪلمون پاڪ يا صرف پرهيزگاري نہ هئي پر ٻيو بہ ڪجھ هو جنهن جو شرح ولي اللهي رنگ ۾ حضرت امام عبيدالله سنڌي قدس سره جي سمجهايل طريقہ تي اسان هن رسالہ جي ذريعہ پيش ڪندا


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

رهندا آهيون“ مان وري انهيءَ خيال جو آهيان ٿا تہ رڳو ڪلمون پاڪ پڙهڻ ۾ گناهن ڪان پرهيز ڪرڻ سان (مگر ڪلمو پاڪ ۽ پرهيزگاري بنيادآهن) آزادي ۽ خود حڪومت ڪنهن ڪرامتي نموني سان پاڻهي اچي جهولي ۾ پوندي؟ جيئن ڪي ماڻهو سمجهندا آهن تہ ڪيتي ۽ ٻين ڌنڌن ڪرڻ بدران خدا تي توڪل رکي ويهي الله ڪجي تہ آسمانن مان قسمن قسمن جا طعام لهي اچي اڳيان پون؟ مگر ايترو ضرور چوندس تہ جيڪڏهن اسان بدا اخلاق هونداسين ۽ سستي ۽ گناهن وغيره ۾ غلطان هونداسين تہ ڪئين اتحاد ۽ نظام قائم ڪري انهن رستن تي گامزن ٿينداسين جي آزادي ۽ خود حڪومت تائين پهچائيندا؟ آزادي ۽ خود حڪومت حاصل ڪرڻ بابت ولي اللهي فلسفو جيڪڏهن قرآن شريف جو مخالف آهي (مخالف هرگز نہ هوندو) تہ پوءِ ڪوبہ مسلمان ان ڏي نهاريندو بہ نہ. پر جيڪڏهن قرآن شريف ڪان مخالف تہ نہ آهي پر بلڪل الڳ آهي يعني جيڪڏهن قرآن شريف ۾ ان بابت ڪجھ بہ نہ آهي تہ پوءِ ائين سمجهبو ٿا تہ قرآن شريف اهڙو نامڪمل آهي جو اسان ڪي هڪ وڏي ۾ وڏي ضرورت ۽ نعمت بابت ڪابہ هدايت ڪانہ ڏني اٿس. شايد توهان صاحب چوندؤ تہ قرآن شريف ۾ سڀ ڪجھ آهي مگر قرآن شريف ڪي سمجهڻ محال آهي ۽ اها حقيقت فقط حضرت شاه ولي الله ﷺ ئي قرآن شريف مان استنباط ڪري سمجهائي آهي. پر مان چوان ٿو تہ قرآن شريف ۾ الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ قرآن شريف ۾ اُن جون آيتون مُبين (چٽيون) چٽائي ڪندڙ آهن. گهڻيون ئي آيتون محڪمات آهن ۽ اوا مر ۽ نواهي بہ سماجي فهم وارن ماڻهن لاءِ بلڪل چٽا آهن، تاهم ولي اللهي فلسفہ تي غور ڪرڻ عالمن ۽ سياسي ليڊرن جو ڪم آهي.

توهان صاحبن لکڻ فرمايو آهي تہ: ”انهيءَ نموني جا سچا مسلمان نڪي هن زماني ۾ پيدا ٿيندا ۽ نہ ڪا خود حڪومت حاصل ٿيندي. گويا هي مضمون مسلمانن لاءِ اڳتي وڌڻ جي بجاءِ هڪ نااميدي جو آئينو آهي، جنهن ۾ پنهنجا افعال ڏسي پوئتي هٽبا نڪي اڳتي وڌندا.“ جيڪڏهن منهنجو مضمون قرآن شريف تي ٻڌل آهي تہ پوءِ ائين چئبو تہ قرآن شريف ئي نااميديءَ جو آئينو آهي. حالانڪ الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ لَا تَقْنَطُوْا مِنْ رَّحْمَةِ اللهِ . اڄ ڪا مسلمان ڪهڙا بہ ڪريل آهن مگر جيڪڏهن سچي نيت سان قرآن شريف تي عمل ڪرڻ شروع ڪن تہ الله تعاليٰ سندن رهنمائي ڪري ڪين اوج تي رسائيندو. اها ڳالھ منهنجي سمجھ ڪان ٻاهر آهي تہ ڪيئن مسلمان قرآن شريف جي حڪمن ڪي سامهون رکڻ سان پوئتي هٽندا ۽ اڳتي نہ وڌندا؟

آخر ۾ مان خلوص نيت سان استدعا ٿو ڪيان تہ مهرباني ڪري اسان مسلمانن ڪي آگاه ڪرڻ فرمائيندا تہ شاه ولي الله ﷺ آزاديءَ ۽ خود حڪومت حاصل ڪرڻ لاءِ ڪهڙا حيلا وسيلا سيکاريا آهن. انهن مان ڪهڙا قرآن شريف مان ۽ ڪهڙا پنهنجي مغز مان ڪڍيا اٿس.

*(علي خان ابڙو)*


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

نوٽ از مدير ”توحيد“

مسٽر علي خان ايم اي منهنجو هڪ جهونو مهربان ۽ درد رکندڙ مسلمان آهي، آئون جڏهن 1918ع ۾ لاڪاڻي مان حضرت پير حڪيم عبدالقادر شاهه راشدي جي رفاقت ۾ ”الڪاشف“ رسالو ڪيندو هوس ته ان وقت به محترم علي خان جا اصلاحي مضمون الڪاشف ۾ شايع ٿيندا رهندا هئا. مسٽر علي خان ملازمت هوندي به سمورو توجه سنڌ جي مسلمانن جي سڌاري تي خرچ ڪيو آهي. فجز اه الله خير الجزاءِ مگر افسوس هي آهي ته سنڌ جي مسلمانن جي حالت مرڳو ئي بئي رنگ ۾ بدلجي رهي آهي. يعني ته اسلام تي پابندي جا جيترا به وعظ ڪيا وڃن ٿا تن جو اثر مرڳوئي ابتو نڪرندو رهي ٿو. يورپين تهذيب ۽ مغربي تعليم جي برڪت سان سمورو معاملو هڪ ٻيو رنگ اختيار ڪري رهيو آهي.

مــرض بڑھتــا گيــا جــوں جــوں دوا کـــي.

دنيا ۾ مسلمانن جي سڌاري لاءِ جيڪي به تحريڪون اٿيون آهن تن، سمورين جو بنياد هميشه ملڪي طاقت هٿ ڪرڻ واري نقطي تي هوندو آهي. يعني جيستائين ڪابه قوم ملڪي طاقت جي مالڪ نه آهي تيستائين هو بلڪل هن لاءِ ٻڌل نه آهي ته قرآن مجيد تي عمل ڪري. بلڪ اسان جو چوڻ آهي ته غلام قومون جيڪڏهن قرآن مجيد جي فقط اخلاقي پهلوءَ تي به عمل ڪنديون رهن ته ان مان قوم ڪي مجموعي طرح ڪهڙو فائدو پهچي سگهي ٿو. قرآن شريف جو اصلي نقطو جهاد يا انقلاب آهي. ان ڪان جيڪڏهن مسلمانن جو ڪوبه گروهه غافل رهجي ويو ته آخر هو حڪومت جو مالڪ ٿي قرآن جي بنيادي ڳالهه کي ماڻهن ۾ ڪيئن پهچائي سگهندو؟

قرآن مجيد مولانا عبيدالله سنڌي جي ارشاد موجب هڪ انقلابي ڪتاب آهي. ان ڪانپوءِ ٻيو ڪجهه جيستائين ڪنهن ماڻهوءَ جي ذهن ۾ قرآن شريف تي عمل ڪرڻ وقت انقلاب جو نقطو موجود نه هوندو تيستائين هو قرآن مجيد کي صحيح رنگ ۾ سمجهي نٿو سگهي. انهيءَ انقلاب واري مقصد کي يورپ جون قومون سمجهن ٿيون تنهن ڪري هندستان ۾ ڪيترائي اهڙا ماڻهو سرڪاري طرح پيدا ٿيندا رهيا آهن جو فقط قرآن جي انقلابي تحريڪ کان روڪڻ لاءِ ڪڏهن نماز تحريڪ پيدا ڪندا آهن ته ڪڏهن سيرة النبي جا جلسا سڏائيندا آهن ۽ ڪڏهن ٻيون شيون مذهبي رنگ ۾ پيش ڪري خلق جي دل کي ڇڪڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ته جيئن ماڻهن جو توجه فقط ڪنهن هڪ مذهبي ڳالهه ۾ اٽڪي پئي ۽ هو قرآن شريف جي اصلي مقصد انقلاب واري کان پوئتي هٽجي وڃن.

قرآن شريف ۾ دنيائي زندگيءَ جو سمورو دستورالعمل آهي مگر ان تي جنهن جماعت شروع ۾ عمل ڪيو سا انقلابي جماعت هئي جنهن جو بنياد پهريان مڪي شريف ۾ پيو. ان ڪان پوءِ هن مدينه شريف ۾ پنهنجو مرڪز بڻايو.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

حضرت امام عبيدالله سنڌي قدس سره ۽ شاهه ولي الله جي تعليم موجب قرآن مجيد جي انهيءَ انقلابي جماعت جو پهريون دور خليفه سوئم حضرت عثمان جي شهادت تي ختم ٿئي ٿو ۽ ان کانپوءِ زماني جي تبديلي ۽ اسلامي تحريڪ جي وڌندڙ حالت مطابق اها جماعت جدا جدا صورتون اختيار ڪندي هلندي وڃي ٿي، تان جو انٽرنيشنل يا بين الاقوامي پوزيشن اختيار ڪري ٿي. دمشق، بغداد، بخارا، غزني، دهلي ان ئي تحريڪ جون جدا جدا شڪليون ۽ مظاهر آهن. اگرچه هنن زمانن ۾ شروعاتي ٽن خليفن جو هو بهو قدم بقدم نقشو نٿو ملي مگر انهن زمانن جو اصل مقصد آسمان کان آيل انقلابي ڪتاب جي اصولن کي رائج ڪرڻ جو هو ۽ انهيءَ بنياد تي هو فيصلا ۽ معاملا نبيريندا هئا.

حضرت مولانا عبيدالله جو ارشاد آهي ته قرآن شريف جيڪا شروع زماني ۾ سوسائٽي قائم ڪئي انجي عبادت ۽ ان جا معاملا ڪيئن هوندا؟ تن کي جيڪڏهن صحيح رنگ ۾ ڏسڻو آهي ته اُهي سمورا فقط حديث جي ڪتاب موطا امام مالڪ ۾ ڏسجي سگهن ٿا. ان ۾ فقط مديني وارن جون روايتون آهن ۽ گهڻو ڪري اُهي شيون آهن جي حضرت عثمان جي خلافت تي ختم ٿين ٿيون.

امام مالڪ پاڻ مديني جو رهاڪو آهي ۽ ٽي وڏا خليفا به مديني ۾ پنهنجي خلافت جو وقت گذاري ويا هئا ۽ اهي ٽيئي خليفا ۽ سندن ساٿي حضور رسول ڪريم ﷺ سان هر هڪ معاملي ۾ هر وقت گڏ رهندا آيا ٿي انهن جو ڪجهه قول يا فعل پيش ڪيو يا هنن کان صادر ٿيو سو ڪتاب موطا امام مالڪ ۾ محفوظ آهي. باقي ٻيا سمورا حديث جا ڪتاب موطا جا شاهد يا شرح آهن.

حضرت مولانا سنڌي جو ارشاد آهي ته اهل سنت جماعت جي چئني مذهبن جو سرچشمو موطا امام مالڪ آهي. چاڪاڻ ته امام ابو حنيفه جو مذهب مرتب ڪندڙ امام محمد امام مالڪ جو شاگرد آهي. قاضي ابو يوسف به اتان فيض پرايو ۽ شافعي امام محمد کان ۽ امام مالڪ جي ٻين شاگردن کان حاصل ڪيو. امام احمد بن حنبل امام اهل سنت جماعت وري امام شافعي جو شاگرد آهي. اهڙي طرح سڀني مذهبن جو اصلي ماخذ موطا بنجي ٿي. پوءِ جيڪي مذهبن ۾ فروعي اختلاف آهن سي ملڪ ۽ ماڻهن جي حالتن موجب معمولي اختلاف آهن. باقي اصولي طور هڪ ئي ڳالهه آهي.

اصل مطلب آهي ته مسلمانن جي دنيا ۾ پکڙجڻ کان پوءِ جتي به هو پهتا آهن تن جي سامهون اصولي طرح قرآن شريف ۽ متس عملي صورت جو سبق موطا امام مالڪ رهيو آهي. ان کانپوءِ نون واقعن ۽ نين حالتن موافق جيترا به قانون ۽ فقه جا مسئلا ٺهيا آهن، سي متين ٻن اصولن پٽاندر ٿيا آهن. تنهن ڪري حضرت مولانا جي سمجهاڻي موجب اسان کي حضرت عالمگير جي دور حڪومت دهلي کي مديني



سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

شريف جي دور اول تائين مسلسل طريقي سان ڳنڍڻ ۾ ڪابہ تڪليف درپيش نٿي اچي بلڪ اسان هن چوڻ ۾ حق بجانب آهيون تہ قرآن شريف جي تعليم ذريعي جيڪا سوسائٽي مديني شريف ۾ پيدا ٿي تنهن جي ڪم ڪي مسلمانن اخير وقت تائين خاص رنگ ۾ ادا ڪندا قرآن شريف جو بنيادي حڪم جاري رکندا آيا.

## هاڻي ڇا ڪجي؟

هن وقت اسلامي دنيا غلامي جي زنجير ۾ جڪڙجي چڪي آهي. هنن تي يورپين غلط تهذيب جو سخت اثر پئجي رهيو آهي. هو قرآن جو نالو وٺن ٿا پر ان تي هرگز هرگز عمل ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهن. نہ وري ڪا اهڙي طاقت آهي جو هنن کي مجبور ڪري تہ اهي اخلاق ۽ افعال ڏارين جن جو قرآن مجيد ارشاد فرمايو آهي. اڄوڪي زماني جا ماڻهو مادر پدر آزاد خيال ٿي چڪا آهن. آخر انهن کي ڪهڙي ضرورت پئي آهي جو ويهي عمدن اخلاقن حاصل ڪرڻ وارن وعظن تي ڪن ڏين. تنهن ڪري قومن جي درست ٿيڻ واري اصول موجب جيستائين هنن ۾ آزادي حاصل ڪرڻ وارو موجوده حالتن موجب انقلابي تخيل پيدا نہ ٿيندو، تيستائين هو فقط وهمي طرح ڪنهن بہ سڪٽي اخلاقي وعظ مان ڪجھ بہ پرائي نٿا سگهن. فرض ڪريو تہ مسلمانن جي هڪ ٽولي اندر گهٽي حد تائين چڱا لڇڻ پيدا ٿي ويا آهن مگر هو گهرن کان ٻاهر نٿا نڪرن يا حجرن ۽ مسجدن ۾ پنهنجي بلند اخلاقن موجب بند ٿيا ويٺا آهن ۽ ويٺا ٿا ڏارين لاءِ دعائون گهرن ۽ قرآن شريف جي صحيح انقلابي آزادي واري اصول کان بي خبر آهن تہ ڇا مڪمل اخلاق حاصل ڪرڻ کان پوءِ هنن کي حڪومت حاصل ٿي سگهي ٿي؟ هرگز نہ.

قرآن کي اسان دنيا ۾ مڃائي ۽ رائج ڪري تڏهن سگهون ٿا جڏهن اسان وٽ دنيائي طاقت هجي ۽ انهيءَ دنيائي طاقت حاصل ڪرڻ لاءِ اسان کي اهي سڀ اصول اختيار ڪرڻا آهن جي موجوده زماني جي حالتن سارو اسان جي امداد ڪري سگهن ۽ انهن قرآن شريف جي پاران ڪوامتناعي حڪم بہ نہ هجي.

اوهان پنهنجي وڏن جي تاريخ تي غور ڪريو تہ پهرين ٽن خليفن جي زماني کان پوءِ مسلمانن ايشياتي ۽ يورپ جي ڪجھ حصي تي قبضو ڪيو ۽ آفريقا سندن هٿ ۾ آئي مگر هٿيار ۽ لڙائي جو هوبهو نمونو ۽ بدر حنين وارو ڪونہ هو. پر فقط اصول ساڳو هو تہ انسانيت جي خدمت لاءِ قرآن جا اصول دنيا ۾ طاقت سان پهچائڻا آهن. ان موجب حضرت امام عبيدالله جو ارشاد آهي تہ موجوده زماني ۾ عدم تشدد جي ذريعي انقلاب آڻڻ جي ڪوشش ڪجي ۽ ان ڪانپوءِ جو ڪجھ ملي ان کي حاصل ڪري اڳتي وڌجي. ان ريت اسلام کي هندستان ۾ دوباره زندھ ڪجي ۽ روس مان جيڪا بي ديني جي لهر ملڪ تي چڙهائي ڪندي اچي ٿي ان جو مقابلو ڪجي.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

## تمته بحث

اسان جو مطلب آهي ته قرآن شريف جو انقلابي اصول سامهون رکيو وڃي. ان ڪانپوءِ جو ڪجھ ڪرڻو هجي ان موجب ڪيو وڃي، جيڪڏهن اڄوڪي زماني ۾ هي وعظ ڪيو ويندو ته جيستائين صحابين جهڙا هوبهو مسلمان نه ٿيندا، تيستائين ڪجھ به نه بڻندو ته اسان ان جا قائل نه آهيون. اهي مايوسي جا سبق آهن جن کي غلامي پسند ماڻهو ملڪ ۾ پکيڙڻ گهرن ٿا. پر اسان جي اڳيان قرآني انقلاب جي 13 سو ورهن جي مسلسل تاريخ آهي، جنهن مان معلوم ڪري سگهجي ٿو ته زماني جي حالتن ۽ ملڪن جي آب هوا ۽ جغرافيائي حالات جي لحاظ موجب جدا جدا نمونن جي مسلمانن جدا جدا رنگ ۾ قرآن جي اصلي تعليم پکيڙڻ لاءِ حڪومت جي هٿ ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪيون آهن ۽ هو ان ۾ ڪامياب ٿيا آهن.

خليفه عبدالملڪ بن مرو ان کان ڪن ماڻهن سوال ڪيو هو ته اوهان اڳين خليفن يعني خليفه راشدين جهڙا ڇو نه بڻجو ٿا ته جواب ۾ پاڻ چيو هئائين ته اوهان به انهن وڏن خليفن جهڙي رعيت بڻجو ته پوءِ آئون به اهڙو ٿي پوان!!

مطلب آهي ته ڪابه تحريڪ پنهنجي اصلي شروعاتي رنگ ۾ قائم نه رهندي آهي پر هو پنهنجي حياتي جون جدا جدا منزلون طي ڪندي آهي تنهن ڪري هوبهو صحابه ڪرام جي اخلاق حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ آزادي ۽ خود حڪومت جي حصي جو انتظار ڪجي، اها هڪ اهڙي ڳالھ آهي جا اسلامي ترقي جي تاريخي فلسفي جي برخلاف آهي.

انقلابي ماڻهو ٿي ئي اهو سگهندو آهي جنهن ۾ بلندا خلاق هوندا. پوءِ جيستائين بلند اخلاق نه ايندا تيستائين هڪ بزدل ۽ ڳيدي ماڻهو جي دماغ ۾ انقلاب جو تصور ئي نه اچي سگهندو. اسان جو عرض آهي ته سڀ کان پهريان صحيح انقلابي هجڻ جو تصور پيدا ڪريو، ان ڪانپوءِ ڏسو ته ڪيئن نيڪ اخلاق حاصل ٿيندا رهن ٿا.

قرآن شريف سمجهڻ بيشڪ آسان آهي مگر اسان کي اهو قرآن جو تفسير ۽ ترجمو نه گهرجي جو رڳو غلامي پرست انسانن جو تيار ڪيل هجي جنهن جي ذريعه رڳو ئي غلامي جي زنجيرن ۾ جڪڙجي وڃون.

يقين رکڻ گهرجي ته غلامي بداخلاقي جي جڙ آهي. انهيءَ لعنت کان وڌيڪ ٻئي ڪابه بداخلاقي نه ٿي ٿي سگهي. جيستائين ان کي دور نه ڪيو ويو آهي. تيستائين هڪ غلام بد اخلاق، انسان تي وعظ يا نصيحت ڪهڙو اثر ڪري سگهي ٿي.

*(توحيد- جنوري-فيبروري 1945ع)*


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# شاعري

اچـــي تـــو غيـــب مـــان آواز، لڳـــائي کـــن ٻـــڌڻ گهرجـــي.
پڙهـــي قـــرآن معنـــيٰ سان، عمـــل تـــنهن تـــي کـــرڻ گهرجـــي.
چـوي هـر کـو تـہ مـان عاقـل، چڱـو سـڀ کـان بـہ مـان ئـي مـان.
کـــلام الله چتـــو آهـــي، پـــرک تـــنهن تـــي وٺـــڻ گهرجـــي.
علـــم اخـــلاق جـــنهن کـــي آهہ تيـــو افضـــل فرشـــتن کـــان.
ٻيـــا بـــدتر مـــرن کـــان پـــي، کميٽـــا ســـي چـــوڻ گهرجـــي.
ســـڏن ان کـــي تـــا چـــالاکي، چـــون بيشـــک کـــرڻ گهرجـــي.
دغابـــــازن ۽ کـــــوڙن تـــــي، وڏي لعنـــــت خـــــدا آهـــــي.
اُهـــي تڙيـــل خـــدا جـــا تيـــا، پـــري تـــن کـــان ڀڄـــڻ گهرجـــي.
زنـــا چـــوري نشـــو خيانـــت، کـــري تـــو جـــو بـــہ مســـلم آهـــہ.
وجهـــــي تـــــو پـــــاڻ دوزخ ۾، حـــــديثن ۾ ڏســـــڻ گهرجـــــي.
کري جو ظلم ٻين تي تو، کتو کافر اهو آهي وڏو بيدين آهي سو.
خـــدا راحـــم رحـــيم آهـــي، اســـان کـــي پـــڻ تـــيڻ گهرجـــي.
چـــوي خـــالق ســـکو اخـــلاق، رکـــو پـــڻ حـــب همـــدردي.
اســـان جـــو رب ســـين جـــورب، ســـبق ســـوئي ســـکڻ گهرجـــي.
ڏســـي اســـلام رهـــو ســـالم، ڏکيـــو کـــين کـــنهن کـــي پـــي.
کيـــو قـــائم امـــن امـــان، ســـچو مســـلم تـــيڻ گهرجـــي.
رکـــي جـــو خـــوف خاونـــد جـــو، گنـــاهن کـــان ٻچـــي جـــو تـــو.
چـــون ان لئـــہ تـــہ احمـــق آهہ وڏو ســـو فُـــول ســـڏڻ گهرجـــي.
وچـــي تـــو نـــاد از غيبـــي، تبـــاهي يـــار اچڻـــي آهہ.
پڙهـــي تـــاريخ قـــومن جـــي، ســـبق عبـــرت وٺـــڻ گهرجـــي.
علـــي خـــان رک اميـــدون تـــون، وســـي رحمـــت ســـدا رب جـــي.
چيـــو هـــادي کيـــو کوشـــش، کمـــر همـــت ٻـــڌڻ گهرجـــي.

*(ملا اسکولس مخزن جنوري 1948ع)*


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# حصو ٻيون

# اسلام


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# اسلام ۽ ترقي

**تمهيد**

واضع هجي تہ سنڌ جي مسلمانن جي مذهبي حالت بيان ڪرڻ کان اڳي اسلام جي تاريخ تمام مختصر طور بيان ڪندس. پر تنهن کان اڳي مان پنهنجو احوال ناظرين جي آڏو پيش ڪرڻ ٿو گهران تہ مان عالم ڪو نہ آهيان، ۽ در حقيقت مون کي هن قسم جي ڪتاب لکڻ جي جرئت ڪرڻ نہ گهربي هئي، مگر ڪن سببن ڪري مان هن ڪم کان پاڻ کي روڪي نٿو سگهان. اهي سبب هيٺين بيان ۾ اچي ويندا:

منهنجو مرشد ۽ منهنجو والد صوفي هئا، مگر بي علم هئا. اسلام جي ڪين ڪا بہ خبر ڪانہ هئي. اگرچہ هو فهم ۽ عقل وارا هئا ۽ نيڪ نيت ۽ اخلاص وارا بہ هئا، مگر اسلام جي واقفيت نہ هئڻ ڪري ۽ هاڻوڪي ڪوڙي تصوف جي رواج هئڻ ڪري شريعت کان پري هئا. روزي ۽ نماز کان غافل هئا، بلڪ نشو ڪرڻ کي ذڪر پچائڻ واريءَ حالت ۾ مباح ڄاڻندا هئا. بهشت فقط دلاسو ۽ دوزخ فقط دڙڪو سمجهندا هئا. مان بہ ننڍڙي کان ئي انهن جي زير اثر اهڙن خيالن ۽ ويساهن جو قائل هوس.

سنہ 1901ع ۾ ٻارهن ورهين جي ڄمار ۾ مدرسة الاسلام ڪراچيءَ ۾ فري بورڊر ٿي انگريزي تعليم وٺڻ لڳس ۽ بورڊنگ هائوس ۾ رهندو هوس. ان وقت مولوي صاحب ميان محمد عثمان مرحوم هو. ساڍا پنج سال مدرسي ۾ رهيس. مولوي صاحب پنهنجا ناهيل ڪتاب تحفتہ الاسلام جا سبق سيکاريندو هو. انهن ۾ گهڻو ڪري فقط فقہ يعني وضو، نماز، روزن، حج وغيره جا نفل سنتون واجب فرض ڏنل آهن. جبرن پنجئي وقت نماز پڙهائي ويندي هئي ۽ روزا رکايا ويندا هئا ۽ مولوي صاحب مرحوم هر جمعي تي وعظ بہ ڪندو هو.

مگر شاگردن کي درحقيقت نڪا اسلام جي واقفيت حاصل ٿيندي هئي، نڪي هو ديندار ئي ٿيندا هئا. ان جو سبب هڪ تہ هي هو جو اسلام جا مکيہ ڪتاب ۽ مکيہ تعليمات بلڪل ڪونہ سيکاريا ويندا هئا. مثلن قرآن شريف ۽ حديثن مان چونڊيل ٽڪرا ترجمي ۽ سمجهاڻيءَ سان ڪونہ سيکاربا هئا. اسلامي عقيدا سمجهاڻيءَ سان، اسلامي تاريخ، اسلامي فلسفو ۽ خود فقهہ جا بہ ڪيترائي مکيہ ڀاڱا ڪو نہ سيکاريا


www.sindhsalamat.com

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

ويندا هئا. مرحوم مولوي صاحب اگرچہ رواجي عالمن کان صدبار بهتر هو ۽ گھٽو وقت ڪراچيءَ جهڙي شهر ۾ رهڻ ڪري ۽ مختلف قسمن جي ماڻهن ۽ انگريزي دانن سان هلڻ چلڻ ڪري دنيا جي ٿوري گھڻي واقفيت بہ حاصل ٿيس ۽ ڪي قدر فهم بہ تيز ٿيس. تاهم پڇاڙيءَ تائين پراڻن مولوين جي اثر مان ٻاهر نڪري نہ سگھيو. جڏهن وعظ ڪندو هو تڏهن ائين سمجھ ۾ ايندو هو تہ جيئن ڇوڪرن کي جبرن نماز پڙهائي ٿي وڃي، تيئن مولوي صاحب بہ مجبورن وعظ ٿو ڪري. جنهن ماڻهوءَ کي وعظ ڪرڻ جو شوق ئي ڪو نہ هوندو تنهنجي وعظ ۾ ڪهڙي خوبي رهندي ۽ ان مان ڪهڙو اثر پيدا ٿيندو.

مدرسو ڇڏڻ کان پوءِ نماز ۽ روزا بہ ڇڏي ڏنم، بلڪ مدرسي واري عرصي ۾ بہ جڏهين پنهنجي ڳوٺ ۾ موڪلن تي هوندو هوس، تڏهن نماز ۽ روزن کان بہ موڪل وٺندو هوس. صوفيانہ خيال منهنجي دل ۾ وڌيڪ پڪا ٿيندا ويا. مان اسلام کي ڪوڙو ڪونہ سمجھندو هوس، مگر منهنجي والد ۽ مرشد منهنجي دل تي اهو اثر وهاريو هو، تہ قرآن شريف ۾ تصوف ئي تصوف سيکاريل آهي، مگر مولوي يا تہ ان کي سمجھن نٿا، يا تہ ڄاڻي واڻي عام ماڻهن کان لڪائين ٿا. 1910ع ۾ بي اي پاس ڪيم ۽ 1912ع ۾ ايم اي پاس ڪيم.

پهريائين ڪراچيءَ جي اين جي وي هاءِ اسڪول ۾ ماسٽر هوس. ان عرصي ۾ ڪنهن دوست مون کي مولانا حاليءَ جي مسدس جو نسخو ڏنو. مان اگرچ ان کان اڳي ڪو اڙدو ڪتاب ڪو نہ پڙهيو هو، تہ بہ رفتہ رفتہ اهو ڪتاب پڙهي ۽ سمجھي ويس ۽ حاشين ۾ ڏنل نوٽن ۽ آيتن ۽ حديثن مان معلوم ٿيو تہ اهو ڪتاب اسلام جي تعليمات تي مبني آهي. انهيءَ ڪتاب منهنجون اکيون کوليون ۽ ظاهر ڪري ڏيکاريائين تہ اسلام اهو ناهي جو اڄوڪا صوفي ٿا سيکارين. نڪي اهو آهي جو جاهل ملان ۽ نيم خوانده مولوي ٿا ڏيکارين. مگر اسلام اها تعليم ٿو ڏئي جا ڪامل عقل تي ٻڌل آهي ۽ جنهن تي انسان جي ڪامل ترقي جو مدار آهي. مثلن اسلام علم پڙهڻ، تجارت، سير ۽ سفر، محنت ڪرڻ، وقت نہ وڃائڻ، اسراف نہ ڪرڻ، نيڪ اخلاق رکڻ وغيره وغيره جي تعليم ڏني آهي. مگر نيم خوانده مولوي نہ رڳو اهي ڳالهيون ڪو نہ سيکاريندا هئا، پر انهن مان ڪيترين ئي ڳالهين جي سخت مخالفت بہ ڪندا هئا، ۽ اڄا سوڌو ڪندا اچن. جنهن ڪري مسلمان اڄان سوڌو پست ۽ ذليل ۽ تباهہ ٿيندا پيا وڃن.

مولانا حاليءَ جي مسدس پڙهڻ کان پوءِ مون کي اسلام جي واقفيت جو شوق پيدا ٿيو. جلدئي مرحوم نواب محسن الملڪ جا ڪتاب جهڙوڪ: ”مسلمانون کي تهذيب“ ۽ ”مسلمانون کي ترقي اور تنزل کي اسباب“. مرحوم نواب صدرالدين جا ڪتاب جهڙوڪ اصلاح البشر ۽ ”اصلاح الرسوم، “ قاضي سليمان صاحب جو مشهور ڪتاب ”رحمت للعالمين“، مولانا شبلي مرحوم جا گھڻائي ڪتاب خصوصن


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

”سيرت النبي“، مولانا اقبال جا نظم، خواجه ڪمال الدين صاحب جون تصنيفون ۽ ٻيا سوين ڪتاب پڙهيم. ازانسواءِ خواجه ڪمال الدين لنڊن مان هڪ ماهوار انگريزي رسالو 1912ع ۾ جاري ڪيو سو اڄ تائين بلاناغه گهرائيندو آيو آهيان يعني اُهي رسالا اڄ تائين اٽڪل 230 گهرايا ۽ پڙهيا اٿم. ان سان قرآن شريف جي معنيٰ ۽ تفسير به ٽي ڀيرا پڙهيو اٿم. جيئن پوءِ تيئن خاطري ٿيندي پئي وئي آهي ته اسلام ڪمال عقل تي ٻڌل آهي، ۽ اسلام ئي ڪامل ترقيءَ جو وسيلو ٿي سگهي ٿو.

حضرت رسول ﷺ فرمايو آهي ته بعثت لاتمم مڪارم الاخلاق يعني مان انهيءَ لاءِ نبي ٿي آيو آهيان ته اخلاقي خوبين کي ڪماليت وٺايان.

قرآن شريف ۾ اسلام جو مقصد فلاح بيان ڪيل آهي. فلاح جي معنيٰ آهي ”ترقي ۽ بهبودي“ ۽ دنيا ۽ آخرت جي چڱائي يا سعادت. هڪڙي حديث سڳوري آهي ته خير الناس من ينفع الناس يعنيٰ ”سڀني کان چڱو انسان اُهو آهي جو ٻين کي نفعو پهچائي“ اسلام جا جيڪي به احڪام آهن تن تي عمل ڪرڻ سان يا پاڻ کي فائدو ٿو رسي يا ٻين کي فائدو ٿو رسائجي.

وري عجيب حڪمت ۽ قدرت ته هيءَ آهي ته ٻين کي فائدي رسائڻ ۾ پنهنجو نقصان نٿو ٿئي، پر اٽلندو پنهنجو فائدو ٿوٿئي، ۽ ٻين کي نقصان رسائڻ ۾ وري پنهنجو ئي نقصان ٿو ٿئي. ٻين سان پيار ۽ عزت سان هلڻ ۾ پنهنجي ۽ ٻين جي به ترقي ٿي ٿئي. اوائلي مسلمان مٿين اصولن ۽ حڪمن تي هلڻ ڪري دولتمند ۽ حڪمران ٿي پيا.

ٻيون قومون به اُنهن کان اُهي سبق سکي ترقي ڪري ويون ۽ اڃا به ترقي ڪن پيون. مگر پويان مسلمان انهن اصولن کي ڦٽي ڪري عيش عشرت ۽ گناهن ۾ غلطان ٿي پست پئجي مصيبتن ۾ مبتلا ٿيا ۽ اڃان به پيا ٿين. غير مسلمان چوندا آهن ته اُهي اصول ته اسان به ڄاڻون ٿا، سڀ ڪنهن مذهب جا اصول اهي ئي آهن. پوءِ ڪهڙو ضرور آهي هرو ڀرو اسلام اختيار ڪرڻ جو!؟

اهو بحث تمام وڏو آهي. مگر هتي فقط هيترو لکڻ ضروري ٿو سمجهان ته غير مسلمانن اهي ۽ ٻيا ڪيترائيءَ اصول اسلام کان سکيا آهن. ٻيو ته ڪيترائي چڱا اصول اڃان اختيار نه ڪيا اٿن. ٽيون ته اسلام نه رڳو چڱاين ڪرڻ ۽ بڇڙاين کان پري رهڻ جو خالي حڪم ٿو ڏئي، پر اُهي عمل ٿو ڪرائي جن جي ڪري اسان ۾ چڱاين ڪرڻ ۽ بڇڙاين کان پاڻ کي روڪڻ جي عادت ۽ طاقت پيدا ٿئي ٿي. نماز روزا، حج ۽ زڪوات جيئن ادا ڪرڻا آهن تيئن ادا ڪجن، ته مسلمان وري به اهڙائي ٿي پون جهڙا اصحاب سڳورا هئا، بلڪ جهڙا انبياءَ عليهم الصلوات والسلام هئا ۽ اهڙائي تندرست سعادتمند، دولتمند ۽ حڪمران ٿي پون جهڙا اوائلي مسلمان هئا.

جن مغربي تهذيب وارن دوستن سان مان اسلام جي سچائيءَ ۽ خوبين ۽ ڪمالن


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

جو ذڪر ڪندو آهيان سي مشڪي فرمائيندا آهن ته ويچارو ضعيف انسان جن خيالن ۾ ڇائو نپيو آهي، تن ڪي ئي سچو ٿو سمجهي ۽ ٻيا خيال هن جي مغز ۾ ئي نٿا وهن. اِها ڳالهه بلڪل سچي آهي، پر منهنجي مٿين هستيءَ مان معلوم ٿيندو ته منهنجي حالت بلڪل نرالي آهي، مان جن خيالن ۾ ڄائس نپنس سي خيال بلڪل ٻيا هئا.

ملن ۽ نيم خوانده مولوين جا جيڪي خيال هئا سي صوفياڻن خيالن جي اثر ڪان ڪوڙا ڏسڻ ۾ آيا ۽ صوفياڻا خيال وري وڏي هوندي مولانا حاليءَ جي مسدس پڙهڻ بعد دل تان متجڻ لڳا. سچي اسلام جي واقفيت مون تڏهن حاصل ڪئي جڏهن 23 ورهين جي عمر جو هوس، ۽ ايم اي اڳي پاس ڪئي هيم اُن وقت تائين منهنجا خيال بلڪل ٻيا هئا، بي اي ۽ ايم اي اهڙا امتحان آهن، جي جن پاس ڪيا آهن، تن جو دماغ ۽ عقل ضرور سالم تسليم ڪرڻو پوندو پر جن شخصن اهي امتحان پاس ڪيا آهن، تن ۾ به وري ٻن قسمن جا گريجوئيٽ آهن: هڪڙا اُهي جي وري ورلي ڪتابن کي هٿ ٿا لائين ۽ ٻيا اُهي جن کي بي اختيار ڪتاب مطالعو ڪرڻ جو شوق رهي ٿو. پوئين قسم جي گريجوئيٽن جو علم، عقل ۽ دماغ وڌيڪ ۽ وڌيڪ سالم ٿيندو ٿو وڃي. هن بندي کي خدا جي فضل سان ڪتابن پڙهڻ جو اهڙو شوق رهيو آهي جو يورپي مصنفن جا هر قسم جا سوين بلڪ هزارين ڪتاب مطالع هيٺ آيل آهن. تنهنڪري غير مسلمانن خواه يورپي خيالن وارن مسلمان دوستن کي ائين چوڻ جو حق بلڪل ڪونهي ته مان ننڍي هوندي کان اسلام جي زير اثر رهيو آهيان ۽ بنا غور ويچار جي اسلام جي تعليمات کي سچو بلڪ ڪامل سمجهي رهيو آهيان. مگر قصوئي اُبتڙ آهي، چو ته سچي اسلام جي واقيفت منهنجا ننڍائيءَ وارا خيال سڀ مٽائي ڇڏيا ۽ اسلام جي تعليمات جو اپياس بلڪل ڪليل دماغ سان ڪيم ۽ انهن کي سڀ ڪنهن نقطهٔ نظر کان صحيح ۽ ڪامل ڏٺم. هي سڀ بيان انهي نيت سان ڪيو اٿم ته منهنجا انگريزي دان دوست به ڪليل دماغ سان اسلام جو اپياس ڪن. جو الزام هو مون تي ٿا لڳائن، سو درحقيقت ساڻن لاڳو آهي. ڇو ته هو ننڍي هوندي ڪان فقط دنيوي تعيلم ۽ يورپي تعليم وٺي رهيا آهن ۽ اسلام جي حقيقت چڱي طرح پروڙڻ جي ڪوشش ئي ڪا نه ڪئي اٿن.

مولانا حاليءَ جي مسدس پڙهڻ ڪان پوءِ مون کي اسلام جي اسپرٽ (روح يا مغز يا جوهر) ۽ تعليمات جي سچائي يا ڪوڙائي پرکڻ جي ڪسوٽي يا معيار اهڙو هٿ اچي ويو جو وڌيڪ علم حاصل ڪرڻ ڪان اڳيئي ائين چئي سگهندو هوس ته فلاڻي ڳالهه اسلام هرگز نه سيڪاري هوندي ۽ فلاڻي ڳالهه اسلام بيشڪ سيڪاري هوندي. اُها ڪسوٽي هيءَ آهي ته اُها تعليم جا ظاهر ظهور عقل جي خلاف هجي ۽ ظاهر ظهور پاڻ کي يا ٻين کي فائدي پهچائڻ بدران نقصان پهچائي ۽ منجهس ڪنهن به قسم جي ترقيءَ جو سبب رکيل ڪو نه هجي سا هرگز سچي نه هوندي. اهڙيون ڳالهيون جي مون کي سچيون ڏسڻ ۾ ڪو نه ايندڀون هيون تن بابت به چڱن عالمن ڪان


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

پڇندو هوس ۽ سڀ ڪنهن حالت ۾ منهنجو خيال سچو نڪرندو هو. مثلن هيٺين ڳالهين بابت مون چڱن عالمن کان پڇا ڪئي ۽ انهن جو جواب منهنجي خيال موافق نڪتو. 1. نورناموِن ڪوڙو آهي يا سچو، جواب ته ڪوڙو آهي. 2. دعا گنج العرش جون اسنادون سچيون آهن يا ڪوڙيون ، جواب ڪوڙيون. 3. امير حمزه جو قصو سچو آهي يا ڪوڙو، جواب ڪوڙو. 4. ڪن معجزن بابت پڇيم ته سچا آهن يا ڪوڙا جواب ڪوڙا. 5. رسول الله ﷺ جن جا اصحاب سڀورا تسبي ڪم آڻيندا هئا يا نه، جواب نه. 6. اسقاط ڪندا هئا يا نه، جواب نه. 7. عام طرح پيسا وٺي تعويذ لکندا هئا يا نه جواب نه. 8. مرادن حاصل ڪرڻ لاءِ لک صلواتن جا ڪيندا يا ڪيرائيندا هئا يا نه، جواب نه. 9. اڪيلو يا گهڻا گڏجي الله الله هو هو (رواجي ذڪر) ڪندا هئا يا نه، جواب نه. 10. اچوڪن صوفين وارا تصور وغيره پڇائيندا هئا يا نه، جواب نه. 11. ماڻهن ۾ حال وجهي ڪين بيهوش ڪندا هئا يا نه، جواب نه. 12. قرآن شريف بخشيندا هئا يا نه، جواب نه. 13. فالون يا ڪتاب ڪڍي اڳواٽ غيب جو احوال ٻڌائيندا هئا يا نه، جواب نه وغيره وغيره.

مٿين ڪتابن پڙهڻ بعد مون کي اسلام جي تبليغ جو شوق حدِ ڪمال پيدا ٿيو. اها ڳالهه ڪا عجب جهڙي ڪانهي، انسان جي فطرت ئي ائين آهي ته جنهن ڳالهه کي سچ سمجهندو ۽ جنهن جو ڪيس شوق هوندو سا ڳالهه سڀ ڪنهن سان ڪندو- ان کي ان ڳالهه ڪرڻ کان روڪڻ اهڙو آهي جهڙو درياه کي وهڻ کان روڪڻ يا ٻير کي منع ڪرڻ ته ٻير پيدا نه ڪر- سال 1914 کان وٺي اخبارن: الحق، آفتاب ۽ ٻين ۾ قسم قسم جا مضمون ڇپايا اٿم. ننڍڙا ڪتاب به تصنيف ڪري ڇڏيا اٿم. ڪيترائي ڪتاب ٻيا به تيار ڪيا اٿم جي اجان ڇپيا نه آهن. گهڻي وقت کان منهنجو خيال رهيو آهي ته سرڪاري سنڌي توڙي انگريزي اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ دنيوي تعليم سان گڏ ديني تعليم پڻ ڏيڻ ۾ اچي. ان لاءِ ڪوشش به گهڻي قدر پي ورتي اٿم ۽ ڪيترن ئي سالن کان ديني تعليم جا ڪتاب به تيار ڪري رکيا اٿم. زباني گفتگوءَ جي وسيلي به گهڻي قدر اسلام جي تبليغ ڪندو رهيو آهيان. مولوي فتح محمد صاحب ۽ مرحوم مولوي الاهي بخش صاحب جي ڪتابن ۽ ڪن ٻين سڀبن جي ڪري سنڌ ۾ ڪي قدر سجاڳي ٿي آهي. جڏهن مان ننڍو هوس تڏهن جا حالت ڏسڻ ۾ ايندي هئي تنهنجي ۽ هاڻوڪي حالت جي وچ ۾ زمين آسمان جو تفاوت ٿي ويو آهي.

بيشڪ اختلاف گهڻا ٿي پيا آهن پر اختلاف زندگيءَ جي نشاني آهي ۽ جهل وارو نفاق موت جي نشاني آهي. انشاءَالله ته ٿوريئي وقت ۾ قوم جي مذهبي حالت خواه دنيوي حالت بلڪل چڱي ٿي ويندي.

منهنجا ڪتاب جيڪي به ڇپيا آهن سي غير مسلمانن گهڻو پسند ڪيا آهن. مسلمانن به پسند ڪيا آهن. ڪم از ڪم ڪنهن به غلطي ڪا نه ڪڍي آهي نڪو


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

اعتراض اُٿاريو آهي. مگر مسلمانن ۾ ڪي اڳوڻا خيال اهڙا گهر ڪري ويا آهن جو اهڙن ڪتابن ڪي پڙهڻ ئي ڏکيو ٿو لڳين. سمجهڻ ۽ قدر شناسي ڪرڻ ته پري پر جن کي دماغ ۽ عقل آهي مثلن انگريزي دان، سي ته اهڙن ڪتابن کي هٿ ڇو ٿا لائين. وقت جي مد نظر اهي ڪتاب اهڙي طرز ۾ لکيا ويا جيئن مخالفت پيدا نه ٿئي، ته جيئن رفته رفته اهي خيال ماڻهن ۾ اثر ڪندا وڃن. مگر ڏسجي ٿو ته اهي ڪتاب قوم کي سجاڳ ڪرڻ ۾ اهڙا ڪارگر نه ٿيا آهن، ڇو ته قانون آهي ته جيڪڏهن ٻنيءَ ۾ جهنگ يا ڪلر آهي ته اُن ۾ ٻج نه ڄمندو. ساڳيءَ طرح جيڪڏهن ماڻهن ۾ پراڻا خيال درختن وانگر پڪا ٿيا بيٺا آهن ته انهن ۾ نوان خيال ڪيئن پيدا ٿي سگهندا؟ تنهن ڪري هن ڪتاب لکڻ جي ضرورت محسوس ڪيم ته اهڙو ڪتاب لکان جنهن سان مسلمانن مان پراڻا خيال نڪري وڃن. انهيءَ ڪري مخالفت ضرور ٿيندي، پر جيڪڏهن خود غرضي ڦٽي ڪري ٺنڍيءَ دل سان ۽ تهذيب جي طريقي سان بحث مباحثو ٿيندو ته سچ سچ ٿيندو ۽ ڪوڙ ڪوڙ ٿيندو ۽ اسلام جي ترقي ٿيندي - انشاءَ الله ائين ئي ٿيندو.

مون ڪجهه وقت کان وٺي عربي پڙهڻ ۽ سکڻ شروع ڪئي آهي. ارادو اٿم ته عربي سکڻ بعد قرآن شريف جا اوائلي عربي تفسير ۽ صحاح ستہ ۽ سڀني امامن جا فقہ شريف مطالع ڪندس ۽ ان بعد اسلام بابت هڪ مڪمل ڪتاب لکندس.

مگر حياتيءَ تي ڀروسو ڪونهي. تنهن ڪري هي ننڍڙو ڪتاب هاڻي ئي لکي ڇپائڻ جو ارادو ڪيو اٿم. جيڪڏهن حياتيءَ بقاءُ ڪيو ته انشاءَ الله تعاليٰ هڪ وڏو ڪتاب لکندس جنهن ۾ اسلام جي سچي تاريخ اچي ويندي. مگر مون کي ايتري اميد ڪا نه ٿي ڏسجي ته ايترو علم حاصل ڪري اهڙي قسم جو ڪتاب لکي سگهندس. تنهنڪري منهنجو خيال آهي ته ڪو زبردست عالم اهو ڪم هٿ ۾ کڻي جو مٿي ڄاڻايل ڪتاب سڀ پڙهي ۽ قرآن شريف جا سڀ تفسير نظر مان ڪڍي پوءِ سڀني تفسيرن جي تنقيد ڪري، اول کان اچ تائين جيڪي اختلاف اسلامي اُصولن ۾ ٿيندا آيا آهن تن جو بيان ڪندو اچي.

ناظرين کي منهنجو عرض آهي، ته خصوصن انهن کي جي منهنجن خيالن جا مخالف هجن ته شرافت ۽ فضليت سان ۽ عقلي ۽ نقلي دليلن سان نڪته چيني ڪن. جيڪڏهن قرآن شريف جي اوائلي تفسيرن ۽ صحيح بخاريءَ ۽ خلفاءِ راشدين جي صحيح هستريءَ ۽ امام اعظم سڳوري ۽ ٻين اهڙن اوائلي زبردست امامن جي سند سان منهن جا خيال غلط ثابت ڪيا ويندا ته مان نهايت ممنون ۽ مشڪور رهندس ۽ ٻئي ڇاپي ۾ درستيون ڪري ڇڏيندس. نڪته چيني ڪرڻ جو حق انهي کي آهي جو وڏو عالم هجي ۽ منهن جي سچي ڪتاب جو مطالعو غور سان ڪري. ائين نه ٿئي ته ڪي ٽڪرا پڙهي پوءِ آپي کان ٻاهر نڪري وڃي.

الله تعاليٰ کي سوال آهي ته شال هيءُ ڪتاب سنڌ جي مسلمانن کي سجاڳ


www.sindhsalamat.com



Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڪرڻ لاءِ صوراسرافيل جو ڪم ڏئي.

(1935ع)

## اسلام جي مختصر تاريخ

مرحوم رائيٽ آنربل سيد امير علي، جيڪو ڪلڪتہ هاءِ ڪوٽ جو جج هو، ۽ پوءِ انگلنڊ جي وڏي ۾ وڏي ڪورٽ يعني پروي ڪائونسل جو ميمبر ٿيو، ۽ جنهن محمدن لا يعني اسلامي شرعي قانونن جا ڪتاب تصنيف ڪيا، جن ڪتابن تي هندوستان جي ڪورٽن ۾ فيصلا ٿا ٿين، تنهن ٻيا بہ ڪي ڪتاب انگريزيءَ ۾ اسلام ۽ اسلام جي تاريخ تي لکيا آهن جي سڄيءَ دنيا ۾ مسلمانن خواہ غير مسلمانن جي ڪتب خانن ۾ موجود آهن، ۽ اهي بلڪل معتبر سمجهيا ٿا وڃن. جڏهن مرحوم مولانا محمد علي جو مرحوم سيد امير عليءَ سان تڪرار ٿي پيو هو تڏهن بہ مولانا محمد علي جي اخبارن ۾ قبول ڪيو ويندو هو تہ سيد امير علي جيڪا اسلام جي خدمت ڪئي آهي سا بيشڪ تحسين جوڳي آهي ۽ سندس علميت ۽ قابليت جو اسان اعتراف ٿا ڪريون. مگر اهي ساڳيا ڪتاب جيڪڏهن سنڌي ۾ ترجمو ڪجن تہ اسان جا سنڌ جا نيم خواندھ مولوي سيد امير علي کي ڪافر نہ تہ بہ وهابي تہ ضرور سڏيندا، اگرچہ هو پنهنجي ڪتابن ۾ وهابين جي خلاف ويو آهي. ڇو تہ اڪثر ڪري ڏٺو ويو آهي، تہ نہ رڳو سنڌ جا پر سڄيءَ دنيا جا نيم خوانده مولوي انهن سڀني کي وهابي سڏيندا آهن، جي بدعتن ، بدرسمن ۽ پرمن جي خلاف ويندا آهن ۽ اصلاح جي ڪوشش ڪندا آهن، اگرچہ هو سچ پچ وهابين جي بہ برخلاف هوندا آهن.

رائيٽ آنربل سيد امير علي جي مشهور ڪتاب ”اسپرٽ آف اِسلام“ مان ڪي ٽڪرا هت ڏيڻ گهران ٿو، مگر تنهن کان اڳي تمام ٿورڙي اسلام جي تاريخ تمهيد طور لکان ٿو! شيعن ۽ سنين جي اختلاف جي ڪري اها تاريخ ڏيڻ هڪ بلڪل نازڪ ڪم ٿي پيو آهي. مگر مان انهن اختلافن ۽ بحث مباحثن ۾ پوڻ نٿو گهران ۽ ناظرين کي پڻ استدعا ٿو ڪريان تہ انهن جهڳڙن ۾ نہ پون. آنربل سيد امير علي جا ابا ڏاڏا شيعا هئا ۽ پاڻ بہ شيعو هو. مگر سچو تاريخي علم انسان کي گهٽي قدر بي تعصب ۽ ڪشاده دماغ بنائي ٿو ڇڏي. سيد صاحب لکي ٿو تہ حضرت رسول ﷺ جن جي رحلت بعد مسلمانن حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه کي خليفو چونڊيو، ۽ اُهو اُصول قائم ڪيو، جنهن کان سواءِ حڪومت چڱيءَ طرح هلي نٿي سگهي. اهوئي سبب آهي، جو اڄ ڪلهہ جتي ڪٿي چونڊن جو رواج قائم ٿي ويو آهي. خود قرآن شريف ۾ فرمايل آهي تہ ”اَمرهم شوريٰ بينهم“ يعنيٰ مسلمانن جو ڪم ڪار مشاورت سان هئڻ گهرجي. رسول الله ﷺ جن پاڻ بہ سڀ ڪنهن ڳالهہ ۾ اصحابن سڳورن جي راءِ وٺندا هئا. سيد صاحب حضرت ابوبڪر صديق ۽ حضرت عمر فاروق رضي الله عنهما جي گهٽي



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

تعريف ٿو ڪري. حضرت عثمان رضي الله عنه جي بہ گھڻي تعريف ٿو ڪري، مگر لکي ٿو تہ اُهي بنو اُميہ، جيڪي هميشہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جي مخالفت ڪندا رهيا ۽ بلڪل دير سان مسلمان ٿيا، تن کي حضرت عثمان وڏا وڏا عهدا ڏنا. انهن حڪومت چڱيءَ طرح نہ هلائي ۽ وڏن عهدن جو وجهہ وٺي پنهنجو زور وڌايائون، ۽ قدري ظلم بہ ڪرڻ لڳا. انهن جي ئي ڪري فساد شروع ٿيا، جن ۾ حضرت عثمان سڳورو شهيد ٿيو ۽ حضرت علي رضي الله عنه سان جنگيون لڳيون ۽ آخر يزيد بن امير معاويہ سيني مسلمانن جو بادشاه ٿي ويو. چونڊ ۽ مشاورت جو رواج بند ٿي ويو. موروثي ۽ شخصي حڪومت قائم ٿي ويئي ۽ اسلام کي ڪاپاري ڌڪ لڳو. ان وقت جا گھڻو ڪري سڀ مسلمان امير معاويہ ۽ يزيد جي برخلاف هئا، مگر ڪي دل و جان سان ساٿ نہ لڙيا. هنن خيال ڪيو تہ ٻئي طرف مسلمان آهن، ڇو ناحق خونريزي ٿئي. دنيائي حڪومت هنن جي ٿي تہ ڇا، جي هنن جي ٿي تہ ڇا. ان ۾ اسلام کي تہ جوکو ڪونهي، مگر اها سندن غلطي هئي. هنن کي اهو خيال اچي ڪونہ سگھيو، تہ موروثي ۽ شخصي استبداردي حڪومت قائم ٿيڻ ڪري نہ رڳو حڪومت چڱيءَ طرح ڪا نہ هلندي پر آزادي نڪري وڃڻ ڪري خود اسلام ئي تباه ٿي ويندو. جيڪڏهن بادشاه جابر هوندو تہ رعيت جي ڪنهن بہ شخص کي همت نہ ٿيندي، جو اهڙي راءِ ڏئي جا بادشاه جي راءِ جي خلاف هجي. اهوئي سبب آهي جو انهيءَ ئي وقت هزارن عالمن فتويٰ ڏني، تہ امام حسين بيشڪ واجب القتل هو.

بنو اُميہ خواه بنو عباس جي ڏينهن ۾ عالمن ڪوڙيون حديثون ٺاهيون ۽ ڪوڙيون فتوائون ڏنيون - جي عالم بادشاهن جي راين سان شامل نہ ٿيا تن کي عهدا ڪو نہ مليا، بلڪ انهن کي تڪليفون ۽ سزائون ڏنيون ويون، جيلن ۾ رکيا ويا ۽ بيگناهہ قتل ڪيا ويا. امام اعظم ابو حنيفہ رحمة الله عليه اهڙن جابرن جي زيردستيءَ ۾ قاضيءَ جو عظيم الشان عهدو قبول نہ ڪيو تہ ڪيس جيل ۾ رکيو ويو. جيل قبول ڪيائين، مگر قاضي ٿيڻ قبول نہ ڪيائين، ڇو تہ قضا جي ڪم ۾ بعضي ضرور بادشاهہ جي مرضيءَ تي هلڻو پويس ها.

حضرت غوث اعظم شيخ عبدالقادر جيلاني رحمة الله عليه بدعتن ڪيڻ جي ڪوشش ڪئي تہ هزارن علمائن لکيل فتوا ڏني تہ هو ڪافر آهي.

هاڻي ٻڌايو تہ اهڙين حالتن ۾ سچو اسلام ڪيئن قائم رهي سگھندو. اسلام اُهو مذهب آهي جو دنيا جي هر امر بابت حڪم احڪام ٿو ڏئي. مگر جڏهن دنيا جابرن جي هٿ ۾ اچي وئي، تڏهن اسلام وڃي مسجدن جي ڪنڊن ۾ لڪو ۽ ٻيون گھڻيون ضروري ڳالهيون ڇڏي ڪري رڳو وردن وظائفن ۽ نماز وغيره تائين محدود رهيو. مگر اهي بہ جن طريقن سان ادا ٿيڻ گھرجن تن سان ادا ڪو نہ ٿيا، تنهنڪري انهن مان جيڪي نتيجا ۽ فائدا نڪرڻ مقصود هئا، سي ڪو نہ نڪتا. رفتہ رفتہ مسلمانن جا نہ رڳو عمل


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

خراب ٿي ويا، پر عقيدا بہ بگڙي ويا، جنهن اڳتي بيان ڪيو ويندو.

جيڪي مسلمان خواه غير مسلمان يورپي ترقي ۽ تهذيب جا گرويده آهن، تن کي جڏهن مان چوندو آهيان تہ فقط اسلام ئي سچي ترقي ۽ تهذيب جو واحد وسيلو آهي، تڏهن هو ڪلندا آهن ۽ چوندا آهن تہ پوءِ ڇو يورپ آمريڪا ۽ جپان وغيره هيترو خوشحال آهن ۽ ڇو مسلمان هيترو ذليل آهن. مان کين چوندو آهيان تہ انهيءَ جو سبب هيءَ آهي تہ مسلمانن اسلام جي احڪامن کي ڇڏي ڏنو، مگر يورپ اسلام جي ڪيترن ئي حڪمن ۽ اصولن تي عمل ڪيو، جنهن ڪري هو ترقي ڪري ويا ۽ مسلمان پست پئجي ويا. سو بہ يورپ جي ترقي ۽ خوشحالي اها هرگز نہ آهي، جا اوائلي مسلمانن جي هئي. هنن جي اندروني حالت ۽ خوشي اهڙي هرگز نہ آهي جا اوائلي مسلمانن کي نصيب هئي. جو تہ هنن اسلام جا سڀ حڪم قبول ڪو نہ ڪيا آهن. مثلن هنن شراب ڪو نہ ڇڏيو آهي، جو شراب اُم الخبائث آهي ۽ ڪيترين خرابين پيدا ٿو ڪري. جيئن تہ شراب ۾ اجايو پيسو ضايع ٿو ٿئي، تندرستي ٿي بگڙي، اُن مان جهيڙا ۽ فساد ٿا جاڳن، جن جي ڪري محبت ۽ مزي جي بدران ڪينو ۽ مصيبتون پيدا ٿيون ٿين. پوءِ هي سوال ٿا ڪن تہ جيڪڏهن اسلام ۾ ايڏي حڪمت ۽ برڪت رکيل آهي تہ مسلمانن ڇو اسلامي احڪامن کي ڦٽو ڪيو. ان جو هڪ جواب تہ اڳيئي اچي ويو آهي تہ ڪن مسلمانن اها غلطي ڪئي جو شخصي حڪومت ۾ جا تباهي رکيل آهي، سا محسوس نہ ڪيائون، ڪين گهربو هو تہ سيئي متفق ٿي سر جو سانگو لاهي، يزيد سان لڙن ها، مگر سندس بيعت نہ ڪن ها.

تنهن تي وري چون ٿا تہ چڱي ترقي مسلمانن جي تہ انهيءَ وقت ٿي جو جڏهن شخصي حڪومت هئي. يعني عباسي خاندان جي عهد حڪومت ۾، نہ خلافت راشده جي زماني ۾. اها سچي ڳالهہ آهي تہ عباسي خاندان جي زماني ۾ علمن ۽ هنرن جو گهڻو واڌارو ٿيو ۽ عاليشان شهر ٺهيا، جن ۾ هر طرح جي عيش عشرت جو سامان موجود هو. واپار ۽ ڪارخانن جو اوج هو، مگر انهيءَ جو بنياد اسلام هو. اسلام ئي علم تي زور ڏنو، مگر اوائلي مسلمان اگرچ علم ۾ بہ رفتہ رفتہ واڌارو ڪندا ويا مگر سندن گهڻو وقت جنگين ۾ صرف ٿيو. مگر جيڪا پوک اوائلي مسلمانن پوکي سا عباسي خاندان جي وقت ۾ پچي تيار ٿي، پر ان پڪل پوک سان گڏ ڪندا ۽ ڪرڙ بہ ڄمي ويا، جن آخر اسلام جي سرسبز کيت کي سڪائي نابود ڪري ڇڏيو. رسول الله ﷺ جن پيشنگوئي ڪرڻ فرمائي هئي، تہ مون کي انديشو آهي تہ مسلمان گهڻي دولت هٿ ڪري عيش عشرت ۾ پئجي تباه ٿي ويندا، سو ٿيو بہ ائين. بنو اُميہ عيش عشرت جي شوق ۽ حڪومت جي نشي ۾ آزادي کي نابود ڪيو. آزادي نہ هئڻ ڪري اسلام جو زور گهٽجي ويو ۽ دولت مند مسلمانن عيش عشرت ۾ گرفتار ٿي ترقيءَ کي خيرباد ڪري ڇڏيو.

آخري سوال هيءُ بہ ڪندا آهن، تہ نہ رڳو اوائلي مسلمانن ترقي ڪري ڏيکاري


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

پر اڳي بہ گھڻين قومن عاليشان ترقي ڪري ڏيکاري هئي اگرچ هو اسلام تي نہ هئا. منهنجو جواب هيءُ آهي تہ اڳي سچو مذهب ڪو نہ هو چا. قرآن شريف ۾ الله تعاليٰ ٿو فرمائي تہ مون سڀ ڪنهن ملڪ ۾ وقت بوقت پيغمبر ۽ مصلح ولي موڪليا آهن. جيڪڏهن ڪو دنيا جي تاريخ غور سان پڙهي ڏسي تہ کيس معلوم ٿيندو، تہ جڏهن جڏهن دنيا ۾ ڪنهن ملڪ ۾ ترقي ٿي هوندي، تڏهن اُن کان اڳي ضرور پهريائين ڪو مذهبي پيغمبر يا مصلح پيدا ٿيو هوندو.

مثلن ويدن جي ڪري هندن عاليشان ترقي ڪئي پر جڏهن ڪن خود غرض برهمڻن مذهب بگاڙي ڇڏيو تہ هندو خرابيءَ ۾ پئجي تباه ٿيا، تڏهن گوتم ٻڌ پيدا ٿيو. گوتم جي پيدا ٿيڻ بعد وري هندستان ۾ عاليشان ترقي ٿي ويئي. يورپ ۾ اسلام جي اثر جي ڪري نئون دور شروع ٿيو ۽ مارٽن ليوٿر رومن ڪئٿلڪ پادرين جي برخلاف اٿي کڙو ٿيو ۽ يورپين تاريخ نويس قبول ٿا ڪن تہ يورپ جي ترقي انهي ڪري شروع ٿي ويئي.

ڪي مسلمان ڪيترن ئي غير مسلمانن وانگر اهڙا بہ آهن، جن جو خيال آهي تہ الله تعاليٰ پيغمبر ۽ صحيفا اصل ڪونہ موڪليا آهن، يعني وحي ۾ ويساه ڪو نہ ٿا رکن. هو چون ٿا تہ جيئن شاعر ۽ مصنف ۽ خطيب خداداد قابليت سان پنهنجي پنهنجي ملڪ کي سڌارڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ۽ گهڻو سڌارو ڪري سگهندا آهن. تيئن پيغمبر بہ پنهنجي ملڪ ۽ وقت لاءِ چڱا مصلح ٿي گذريا آهن. مگر اُهي نڪي ڪامل هوا نڪي سندن تعليم سڀ ڪنهن ملڪ ۽ سڀ ڪنهن وقت لاءِ ڪارگر ٿي سگهي ٿي. ڪي تہ وري اهڙا بہ آهن، جي ظاهر ظهور دهريا آهن ۽ الله تعاليٰ جي وجود جا ئي منڪر آهن. انهن سيني کي منهنجي استدعا آهي تہ رسول الله ﷺ جون سوانح عمريون مثلن مولانا شبلي جو اڙدو ڪتاب سيرت النبي ۽ قاضي سليمان صاحب جو اڙدو ڪتاب رحمت اللعالمين ۽ خواجہ ڪمال الدين صاحب جو انگريزي ڪتاب آيڊل پرافيٽ ۽ رائٽ آنربل سيد امير علي جو سپرٽ آف اسلام ۽ پڻ خواجہ ڪمال الدين جو نئون انگريزي ڪتاب اسلام ائنڊ سوليزيشن جنهن جو اڙدو ترجمو اسلام اور تمدن تازو ڇپيو آهي، سي پڙهي پوءِ انصاف ڪن.

هاڻي رائٽ آنربل سيد امير علي جي ڪتاب مان ڪي جملا ڏيان ٿو،جن مان خبر پوندي تہ امير علي جهڙن عالمن ۽ اسان جي نيم خوانده مولوين جي خيالن ۾ ڪيترو تفاوت آهي، مگر هيءَ ڳالھ ياد رکڻ گهرجي تہ مان ساڻس هرويرو سيني خيالن ۾ شامل راءِ نہ آهيان.

رسول الله ﷺ جن کان پڇيو ويو تہ شيطان ڪٿي آهي. پاڻ فرمايائون تہ انسان جي دل ۾، پاڻ فرمايائون تہ بهشت سچي دنيا کي وڪوڙيل آهي. ڪنهن شخص پڇيو تہ پوءِ دوزخ ڪٿي آهي. جواب ۾ فرمايائون تہ سبحان الله! جڏهن ڏينهن آهي، تڏهن رات ڪٿي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

آهي؟ يعنيٰ جيئن ڏينهن ۽ رات اتيئي آهن تئن بهشت ۽ دوزخ بہ اتيئي آهن.

پاڻ ﷺ فرمايو اتن تہ نماز دل جي حضور کان سواءِ ڪنهن بہ فائدي جي ناهي، ۽ الله تعاليٰ جا الفاظ، جي سيني ماڻهن لاءِ آهن ۽ نہ هڪ قوم لاءِ. تن جي اپياس ڪرڻ ۾ دل ۽ زبان پوريءَ طرح سان شامل هئڻ گهرجن. حضرت علي رضي الله عنه فرمايو آهي تہ سمجهڻ ڪانسواءِ عبادت بيڪار آهي، ۽ منجهس ثواب ڪونهي. رسول الله ﷺ فرمايو آهي تہ عبادت مان فقط اوترو ڀاڱو الله تعاليٰ وٽ مقبول ٿو ٿئي، جيتري قدر سمجهہ ۽ دل جي صدق سان ادا ٿو ڪجي. ائين بہ لکيل آهي تہ رسول الله ﷺ ڪن عجمي پرديسي ماڻهن کي پنهنجي زبان ۾ نماز ادا ڪرڻ جي اجازت ڏني. هن حديث مان ڪم از ڪم ايترو تہ معلوم ڪري سگهجي ٿو تہ نماز جا الفاظ سمجهڻ ڪيتري قدر ضروري آهن!

مسلمانن جو هاڻوڪي مرده حالت جو مکيہ سبب هيءُ آهي، جو عام طرح هي خيال مسلمانن جي دلين ۾ ويهي ويو آهي تہ عقل هلائڻ يا اجتهاد ڪرڻ جو حق فقط اوائلي امامن کي حاصل هو ۽ هن وقت عقل هلائڻ گناهہ آهي. جيڪو چوي تہ مان حضرت جن جو سچو امتي ٿيان، سو اوائلي امامن مان ڪنهن بہ هڪ امام جي مذهب تي هلي، ۽ پنهنجي عقل کي ڦٽي ڪري اُنهن جي فتوائن تي هلي. جي عيسوي نائينءَ صديءَ ۾ رهيا ۽ جن کي عيسوي ويهينءَ صديءَ جي ضرورتن جي ڪا بہ خبر نہ هئي. رسول الله ﷺ عقل ڪم آڻڻ تي وڏو زور ڏيڻ فرمايو آهي، مگر اسان جا مسلمان ان کي ڏوهہ ۽ گناهہ ٿا سمجهن - مسلمان قرآن مجيد تي هلڻ ڇڏي ڏنو آهي جو اُن عليم ۽ حڪيم جو ڪلام آهي، جنهن جي نظر سڄي دنيا تي ۽ سيني ايامن تي پونڊڙ آهي.اُن جي بدران مجتهدن جي فتوائن تي هلن ٿا، جن جي محدود نظر فقط پنهنجي ملڪ ۽ پنهنجي وقت لاءِ محدود آهي. ازانسواءِ پيغمبرن ڪانسواءِ ٻيو ڪو بہ انسان ڪهڙو بہ عاقل هجي، تہ بہ هو ڪامل تي نٿو سگهي. قبول ڪيو ويندو تہ اسلام ۾ اصلاح يعني سڌارو تڏهن شروع ٿيندو، جڏهن الاهي ڪلام ڪهڙي بہ زبان ۾ ترجمو ڪجي تہ بہ الاهي ڪلام ئي تي رهندو ۽ عبادت ڪهڙي بہ زبان ۾ الله تعاليٰ وٽ مقبول آهي. حضرت ﷺ جن پاڻ عجمي يعني پرديسي مسلمانن کي پنهنجي پنهنجي ٻوليءَ ۾ عبادت ڪرڻ جي اجازت ڏني، ۽ عربن کي موڪل ڏنائون تہ قرآن شريف پنهنجي زبان ۾ پڙهن ۽ فرمايائون تہ قرآن شريف مون کي ستن زبانن ۾ جبرائيل عليه السلام ٻڌائيندو آهي. اسلام جي اوائلي زماني ۾ انهي ڳالهہ تي اتفاق هو، تہ سمجهڻ ڪانسواءِ نماز بيڪار آهي. امام ابوحنيفہ رحمة الله عليه جي راءِ آهي تہ نماز ۽ خطبو ڪهڙي بہ زبان ۾ پڙهجي تہ جائز ۽ روا آهي. سندس شاگردن ابو يوسف ۽ محمد پنهنجي استاد جي اها راءِ ٿوريءَ تبديليءَ سان قبول ڪئي آهي. اُنهن جي راءِ آهي تہ جيڪڏهن ڪو شخص عربي ڄاڻندڙ نہ هجي، تہ پوءِ هو ڪهڙي بہ زبان ۾ نماز پڙهي تہ جائز اٿس. اتي سيد


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

امير علي ٿو فرمائي ته هڪڙو سبب آهي، جنهن ڪري جيتري قدر ٿي سگهي اوتري قدر عربيءَ ۾ نماز پڙهڻ گهرجي. اُهو سبب هيءُ آهي ته عربي اسلام جي زبان آهي، ۽ سڄي دنيا جي مسلمانن جي اشتراڪ ۽ اتفاق ۽ تبادلهٔ خيالات لاءِ ضروري آهي. خواجه ڪمال الدين جي فرقي وارا وري هي به سبب ڏيندا آهن ته عربي الفاظن ۾ ايتري معنيٰ سمايل آهي جا ترجمي ۾ گهٽو ڪري نٿي اچي سگهي.

قرآن شريف ۾ آهي ته ”لاا ڪراه في الدين“ يعني دين جي باري ۾ جبر يا زور ڪونهي، جنهن ڪي جهڙو دين وڻي تهڙو اختيار ڪري. اسلام ۾ جيڪا بي تعصبي ۽ رواداري سيڪاريل آهي سا ٻئي ڪنهن به مذهب ۾ نه هوندي، مگر پوين عالمن مٿين آيت سڳوريءَ کي منسوخ سمجهيو آهي ۽ خصوصن مرتد (اسلام کي ڇڏڻ واري) کي موت جي سزا جو ڏوهي ٺهرايو آهي.

عورتن جا حق جهڙا اسلام سيکاريا آهن، ۽ عورتن کي جا عزت ۽ آزادي اسلام ڏني آهي سا ڪنهن به مذهب نه ڏني آهي. مگر پوين عالمن اهي حق گهٽو ڪري ڪسي ورتا آهن، ۽ اهڙن عالمن جي خيالن پڙهڻ سان عورتون شيطان سمجهڻ ۾ اينديون آهن. ڪيترا مسلمان چوندا آهن ته اسلام ۾ اها وڏي خرابي آهي، جو عورتن کي ملڪيت جو وارث ۽ حقدار بنايو اٿس، ڪين اها خبر ڪا نه ٿي پوي ته ائين چوڻ سان پورا پورا ڪافر ٿا ٿين، ته الله تعاليٰ جي حڪم ۽ ڪلام کي ناقص ۽ غلط ٿا سمجهن.

ٻانهن رکڻ جو رواج اسلام گهٽو ڪري بند ڪري ڇڏيو، فقط لڙائيءَ ۾ قيد ٿيلن کي ٻانهو ڪري رکڻ جائز ڪيو ويو. مگر اڪثر ڪري رسول الله ﷺ جن قيدين کي بروقت آزاد ڪري ڇڏيندا هئا. بعضي فديه وٺڻ سان، بعضي بنا فديه وٺڻ سان. ڪن ٿورين حالتن ۾ ڪي قيدي فديه نه ڏيڻ ڪري ڪن اصحابن سڳورن وٽ رکيا ويا، سو به انهيءَ شرط سان ته انهن قيدين (ڪافرن) سان اهڙي هلت ڪئي وڃي، جهڙي پنهنجي اولاد سان. ڪم جيترو پاڻ ڪجي اوترو انهن کان وٺجي ۽ جهڙو پاڻ کائجي ۽ چوڙجي، تهڙو انهن کي ڪارائجي ۽ چوڙائجي. مگر پوين مسلمانن مٿين سيني ڳالهين ۾ ابتڙ روش ورتي ۽ ٻانهن جو واپار عام رواج ۾ اچي ويو.

حنبلين جي مذهب وارن جو ويساهه آهي ته الله تعاليٰ کي جسم آهي ۽ آسمان ۾ عرش يا ڪرسي تي وينو آهي.

انهيءَ ۾ شڪ نه آهي ته شروعات ۾ سيني فرقن کان حنفي مذهب ۾ آزاد خيالي ۽ ڪشاده دلي گهٽي هئي. مگر جئين وقت گذرندو ويو، تيئن بادشاهن جي جبر سبب رفته رفته آزادي ۽ عقل هلائڻ جو مادو نڪري ويو ۽ جيڪا به فتويٰ بادشاه جا مقرر ڪيل عالم ڏيندا هئا، سا قبول ڪئي ويندي هئي.

حنفي پاڻ کي اهل الراءِ والقياس سڏائيندا هئا ۽ ٻيا فرقا به کين ائين ئي سڏيندا هئا ۽ ٻين فرقن وارن کي اهل الحديث سڏيو ويندو هو. ڇو ته هو بنا سوچ ويچار جي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

سيني حديثن کي قبول ڪري اُن تي عمل ڪندا هئا. مگر هاڻي حنفين گهڻي زماني کان راءِ ۽ قياس کان ڪم وٺڻ ڇڏي ڏنو آهي، ۽ قانونن خواه متن ۾ بنا سوچ ويچار جي وڏن جي فتوائن کي قبول ٿا ڪن. اسلام ڪٿي اُتر قطب جي اسڪيمو ماڻهن کي سيڪارجي، تہ بہ هروڀرو اُنهن سيني فروعي قانونن سميت سيڪارجي، جي عراقي ماڻهن جي عمل لاءِ ناهيل هئا سا ڳالهہ عقل کان ٻاهر آهي.

غير مقلدن هن وقت اسلام ۾ بہ گهڻي قدر اصلاح ڪيو آهي. پهريائين تہ ڪين ڪافر يا وهابي سڏيو ويندو هو، مگر هاڻي گهڻي قابليت حاصل ڪري چڪا آهن.

زمخشري جو قرآن شريف جو مشهور مفسر ٿي گذريو آهي، سو سورت علق جي پهرين آيت جي تفسير ۾ لکي ٿو، تہ الله تعاليٰ جو وڏو فضل اسان تي اهو آهي، جو اسان کي قلم جي وسيلي علم سيکاريائين ۽ اُهو علم سيکاريائين جو اسان نہ ڄاڻندا هئاسين. ۽ پڻ لکي ٿو تہ جيڪڏهن قلم جي وسيلي ڪتاب نہ لکجن ها تہ دنيا ۽ دين جا امر ڪيئن سڌاري سگهجن ها ۽ ڪا بہ ترقي ڪا نہ ٿئي ها. هن مان ۽ رسول الله ﷺ ۽ حضرت عليءَ رضي الله عنه ۽ ٻين جي قولن مان ثابت آهي تہ نہ رڳو ديني علم پر دنيوي علم ماڻڻ بابت بہ سخت تاڪيد ڪيل آهي. خصوصن حضرت عليءَ کي علم جو گهڻو شوق هو، تقريرون ڪندو هو ۽ شعر چوندو هو. ديني عقيدن ۽ احڪامن جي سمجهاڻي عقل ۽ فلسفي سان ڏيندو هو. سندس خطبا اجا تائين صحيح حالت ۾ موجود آهن. حضرت جعفر صادق رضي الله عنه علم جي تعريف هن طرح ڪئي آهي: ”دل جي روشنائي علم جو جوهر آهي، سچ اُن جو مکيہ مقصد آهي، الهام اُن کي رهنمائي ڪندڙ آهي، عقل اُن جو قبول ڪندڙ آهي. الله تعاليٰ ۾ اُن جو ملهم آهي، ۽ انسان جا الفاظ اُن کي ظاهر ڪندڙ آهن.“

تنگ خيال عالمن جي مخالفت هوندي بہ مسلمانن دنيائي علومن ۽ هنرن ۾ حيرت انگيز ترقي ڪئي. اسپين ۾ بنو اُميہ وارن ڪيترائي علم ۽ هنر ايجاد ڪيا. عباسي خاندان جي زماني ۾ بغداد ۾ سائنس ۽ فلسفو تمام گهڻو زور وٺندو ويو، تان جو تاتارين ملڪ فتح ڪري بغداد کي ناس ڪري ڇڏيو. مگر اُهي ساڳيا جهنگلي جن خلافت ۽ ترقي کي برباد ڪري ڇڏيو، جڏهن پاڻ مسلمان ٿيا، تڏهن وري علم کي ترقي وٺائيندڙ ٿي پيا. مگر جيئن پوءِ تيئن جاهل، ظالم ۽ عياش بادشاهن ترقيءَ کي ٻنجو ڏيئي ڇڏيو.

تقدير جي مسئلي بابت مرحوم رائيٽ آنربل امير علي ٿو لکي تہ اسلام کان اڳي عربن جو قسمت ۾ ڪلي ويساهہ هو ۽ سمجهندا هئا تہ انسان کي قسمت پَنَ وانگر ٿي نچائي ۽ انسان جي وس ۾ ڪجهہ بہ ناهي. انهيءَ ڪري عربن ۾ عملن جي جوابدهي جو انگ بلڪل ڪو نہ هو، نڪي قيامت کي مڃيندا هئا، تنهن ڪري هو بلڪل بيپرواهي سان جئين وٽندو هون تيئن ڪندا هئا. قرآن شريف جي هڪ حيرت


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

جهڙي خصوصيت هيءَ آهي جو هڪ پاسي الله تعاليٰ جي رضا ۽ ڪلي اختيار ۽ قدرت بيان ڪيل آهي، ته ٻئي پاسي وري انسان جي آزادي ۽ جوابدهي بيان ڪيل آهي. ظاهر ۾ ماڻهوءَ کي ائين ڏسڻ ۾ ايندو ته اها ڳالهه ٺيڪ ناهي، جو سڀ ڪم ۾ الله تعاليٰ جو به هٿ هجي، ۽ انسان کي اختيار به هجي ته وٺيس ته خراب عمل ڪري. جيڪي آيتون انسان جي جوابدهي ثابت ڏيکارين، تن مان ڪي هي آهن: "اِنَّ اللّٰهَ لَا يُغَيِّرُ مَابِقَوْمٍ حَتّٰى يُغَيِّرُوْا مَابِاَنْفُسِهِمْ" يعني الله تعاليٰ ڪنهن به قوم جي حالت نٿو ڦيرائي جيستائين پاڻ پنهنجي حالت نٿا ڦيرائين. قرآن شريف جي ڪيترين ئي آيتن ۾ الله تعاليٰ جي قدر يا امر يا حڪم جي معنيٰ آهي قدرت جو قانون. سج، چنڊ، تارا وغيره. سڀ قدرت جي قانون موافق پنهنجو پنهنجو ڪم پيا ڪن. بيشڪ اهڙيون آيتون آهن جن ۾ اشارو آهي ته انسان جي مرضيءَ ۾ به الله تعاليٰ جو هٿ آهي پر ٻيون آيتون وري ڏيکارين ٿيون ته ان ۾ انسان جي ارادي جو دخل آهي.

جو شخص الله تعاليٰ ڪان مدد ٿو گهري، تنهن کي ئي الله تعاليٰ مدد ٿو ڏئي ۽ جو شخص پنهنجي روح کي پاڪ ڪرڻ جي ڪوشش ٿو ڪري، تنهن کي ئي الله تعاليٰ پنهنجي فضل سان توفيق ٿو ڏئي. جنهن مان ثابت آهي ته انسان جو فرض آهي ڪوشش ڪرڻ ۽ پڻ الله تعاليٰ ڪان مدد گهرڻ.

ٻيون آيتون هيءُ آهن: "وَمَنْ يَّكْسِبْ اِثْمًا فَاِنَّمَا يَكْسِبُهٗ عَلٰى نَفْسِهٖ" يعني جو گناهه ٿو ڪري سو پنهنجي جوابداريءَ تي ٿو ڪري. "اِنَّ اللّٰهَ لَا يَاْمُرُ بِالْفَحْشَآءِ" يعني تحقيق الله تعاليٰ گناهه ڪرڻ جو امر ڪونه ٿو ڪدي. "وَلٰكِنْ كَانُوْٓا اَنْفُسَهُمْ يَظْلِمُوْنَ" مگر پاڻ تي تا ظلم ڪن. "فَمَنِ اهْتَدٰى فَاِنَّمَا يَهْتَدِىْ لِنَفْسِهٖ ۚ وَ مَنْ ضَلَّ فَاِنَّمَا يَضِلُّ عَلَيْهَا" جنهن هدايت جو رستو ورتو سو پنهنجي لاءِ ٿو وٺي ۽ جو گمراهيءَ جو رستو ٿو وٺي سو پاڻ ٿو پنهنجي لاءِ ڪڏ کوٽي. انهن ۽ ٻين ڪيترين آيتن مان رسول الله ﷺ ۽ سندس ناٺي حضرت علي رضي الله عنه ۽ ٻين جي قولن مان قضا ۽ قدر يا جبر ۽ اختيار جي مسئلي تي پوري پوري روشنائي پوي ٿي ۽ پڪيءَ طرح سان معلوم ٿئي ٿو ته الله تعاليٰ انسان کي عقل ڏنو آهي ۽ خيال ۽ عمل جي آزادي ڏني آهي. پوءِ جيڪڏهن چڱو رستو وٺندو ته پنهنجي لاءِ چڱائي ڪندو، خراب رستو وٺندو ته ان جو خراب نتيجو به پاڻ ئي لوڙيندو.

مخالف خيال وارن اُن جي برخلاف حديثون پيش ڪيون آهن، پر اُهي ڪوڙيون ۽ هٿرادو ٺهيل آهن. رسول الله ﷺ جي بيشمار معتبر قولن مان ثابت ٿو ٿئي ته ڪين انسان جي ارادي جي آزاديءَ ۾ به ويساهه هو. موروثي گمراهي ۽ فطرتي گنهگاريءَ کان ڪين ڪامل انڪار هو. پاڻ ﷺ فرمائيندا هئا ته سڀ ڪو ٻار صاف ۽ سچو ڄمي ٿو، پوءِ جيڪڏهن سچائي ۽ سڌي رستي کان ڦري ٿو ته اُهو غلط تعليم ۽ تربيت ۽ خراب صحبت جو نتيجو آهي.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

سڀ ڪو ماڻهو فطرتي دين تي پيدا ٿو ٿئي، (يعني اسلام تي) مگر سندس والدين ئي آهن، جي ڪيس يهودي يا ڪرستان يا صابئي ٽا بنائين. اوهان جي چال ئي آهي، جا اوهان کي بهشت يا دوزخ ڏانهن وٺي وڃي ٿي. انسان ۾ ٻه رغبتون آهن، هڪڙي ڪيس نيڪيءَ ڏانهن ڇڪي ٿي ۽ ٻي بديءَ ڏانهن. پر الله تعاليٰ جي مدد ترغيب آهي ۽ جو شخص بديءَ جي ترغيب تي غالب پوڻ لاءِ الله تعاليٰ جي مدد ٿو گهري، تنهن کي مدد ٿي ملي. سڀ ڪنهن کي سندس چال موجب هدايت ملي ٿي.

حضرت عليءَ رضي الله عنه جا قول به ان بابت چٽائي ٿا ڪن: "تحقيق جيڪڏهن تون پاڻ کي هدايت نه ڪندين ۽ خبردار نه ڪندين ته ٻيو ڪو به تو کي سڌي رستي تي ڪونه هلائي سگهندو. مان توهان کي تاڪيد سان چوان ٿو ته رب جي عبادت سچائيءَ ۽ پاڪائيءَ سان ڪريو هن توهان کي نجات جو رستو ۽ هن دنيا جون لالچون ڪولي ڏيکاريون آهن. خرابيءَ کان پرهيز ڪيو، اگرچه توهان کي اُها چڱي ڏسڻ ۾ اچي، گناهه کان پري ڀڄو اگرچه وڻندڙ هجي، ڇو ته توهان کي خبر آهي ته گناهه توهان کي رب کان ڪيترو پري اُجلائي ٿو ڇڏي."

"اي خدا جا بندؤ! پنهنجا فرض بجا آڻيو، ڇو ته انهن کان غفلت ڪرڻ ۾ ئي توهان جي خرابي آهي، ۽ فقط توهان جا چڱا عمل توهان جي موت وارو رستو آسان ڪندا. پاڪائيءَ سان رهو، چڱا ڪم ڪريو، ۽ خدا کان دعا گهرو ته توهان جي نيڪ ڪوشش ۾ توهان کي مدد ڏئي ۽ توهان جون گذريل خطائون معاف ڪري. جو شخص نيڪيءَ جا ڪم ٿو ڪري سو پنهنجي روح کي آرام ٿو ڏئي، جو خبردار ٿو ٿئي ۽ خدا کان ڊڄي ٿو ۽ حق کي پروڙي ٿو سو ڪامل علم يا معرفت حاصل ٿو ڪري."

هي الفاظ قسمت ۽ جبر ۽ انهيءَ عقيدي، ته سڀ ڪجهه اسان جي مقدر ۾ اڳوات لکيل آهي جي خلاف آهن. بلڪ اهي الفاظ الله تعاليٰ ۾ پڪي ويساهه سان گڏ اهو ويساهه به ڏيکارين ٿا ته انسان ۾ ترقي ڪرڻ جو مادو آهي، ته جنهن ترقيءَ جو مدار انفرادي ڪوشش تي آهي جا ڪوشش وري انسان جي مرضيءَ تي ڇڏيل آهي.

ڪنهن شخص حضرت عليءَ رضي الله عنه کان قضا ۽ قدر جي معنيٰ پڇي. جواب ۾ فرمايائون ته پهرئين لفظ جي معنيٰ آهي خدا جي حڪمن جي پيروي ۽ گناهه کان پرهيز، ۽ ٻئي لفظ جي معنيٰ آهي پاڪ زندگي گذارڻ جي قابليت، ۽ اُهي ڪم ڪرڻ جيڪي خدا جو قرب حاصل ڪرائين، ۽ اُنهن ڪمن کان پرهيز ڪرڻ، جي سندس ڪماليت کان پري اُجلائي ڇڏين. ايئن نه چئبو ته انسان مجبور آهي، يعني اُن تي الله تعاليٰ جبر ٿو ڪري، ڇو ته ائين چوڻ جو مطلب اهو ٿيندو ته "الله تعاليٰ ظالم آهي" نڪي ائين چئو ته انسان کي ڪلي اختيار آهي. پر حقيقت هيئن آهي: ته سندس مدد ۽ فضل سان اسان کي نيڪيءَ جي ڪمن ڪرڻ جي ڪوشش ۾ همت ملي ٿي. اسان گمراهه هن ڪري ٿيون ٿا جو سندس حڪمن تي عمل ڪرڻ کان لنوايون ٿا.ڪنهن


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

شخص سوال ڪيو تہ پوءِ لاحول ولا قوت الا بآلله (ناهي ڪا طاقت ۽ مدد خدا ڪانسوا) جو مطلب ڇاهي؟

جواب ۾ فرمايائون تہ اُن جو مطلب آهي، تہ مون کي الله تعاليٰ جي غضب جو خوف ڪونهي پر مون کي سندس پاڪائيءَ جو خوف آهي، نڪا مون کي طاقت آهي سندس حڪمن تي هلڻ جي، پر منهن جي طاقت سندس مدد ۾ آهي.

الله تعاليٰ قرآن شريف ۾ فرمايو آهي، تہ اسان توهان جي آزمائش وٺي ڏسنداسين تہ ڪهڙا مجاهدين (ڪوشش ڪندڙ) آهن، ۽ ڪهڙا تحمل ۽ صبر وارا آهن ۽ توهان جي عملن جي پرک وٺنداسين ۽ اسان توهان جي مدد ڪنداسين تہ بتدريج اهو فائدو حاصل ڪيو، جنهن جي توهان کي خبر ڪانهي. هي آيتون انسان جي ارادي جي آزاديءَ جي ثابتي ثيون ڏين. قرآن شريف جي هيءَ آيت: تہ الله تعاليٰ جنهن کي وٽيس ٿو تنهن کي هدايت ٿو ڪري، ۽ جنهن کي وٽيس ٿو تنهنکي گمراهہ ٿو ڪري ان آيت جي سمجهاڻي ڏيندي، حضرت علي رضي الله عنه فرمايو تہ انهيءَ جو اهو مطلب ناهي تہ الله تعاليٰ اسان کي جبرن گناهہ يا نيڪيءَ جا ڪم ٿو ڪرائي، نڪي اهو مطلب آهي تہ هو بنا سبب ڪنهن کي هدايت ٿو ڪري ۽ ڪنهن کي نٿو ڪري، ڇو تہ ائين هجي ها تہ پوءِ انسان پنهنجي عملن لاءِ جوابدار ڪو نہ هجي ها. پر ان آيت جو مطلب هيءُ آهي تہ الله تعاليٰ حق جو رستو ڏيکاري ٿو، ۽ ماڻهن کي اختيار آهي تہ جيڪو رستو وٽين سو وٺن. حضرت علي رضي الله عنه، الله تعاليٰ جي ڪلام ۽ حضرت صلي الله عليه وسلم جن جي قولن تي فلسفي جو بنيان بڌو ۽ مديني منور ۾ سڀ مسلمان سندس ئي فلسفي ۽ راين سان شامل هئا. ساڳيو ئي فلسفو ۽ خيال مديني مان دمشق، ڪوفي، بصره ۽ بغداد ۾ وڃي رائج ٿيا ۽ عباسي خاندان جي اوائلي زماني ۾اِهو فلسفو اوج تي رسيو.

ڪربلا جي ڪوس ۽ مديني منور جي ڦرلٽ ڪان پوءِ مدينہ منوره واريءَ علمي ترقيءَ کي شڪست آئي. مگر پوءِ وري حضرت جعفر صادق جو گهڻن علومن جو ماهر هو ۽ ڪرستانن ۽ يهودين وغيره سان بحث مباحثا ڪيا هئائين، تنهن حضرت علي رضي الله عنه جي فلسفي کي ترقي وٺرائي. جبر جي سوال تي فرمايائين تہ ”جيڪي ماڻهو جبر جا قائل آهن، سي الله تعاليٰ کي انهن سيني گناهن ۾ شريڪ ٿا ڪن جيڪي هو پاڻ ٿا ڪن“.

جيڪڏهن الله تعاليٰ گناهہ بہ پاڻ ٿو ڪرائي ۽ انهن لاءِ سزا بہ ٿو ڏئي تہ پوءِ ڇٽبو تہ هو سخت ظالم آهي. (نعوذ بالله منها) هيءُ ڪفر آهي. جبر جو متو الله تعالي کي بي انصاف ڏٽي ٿو بنائي. جبر جي ابتڙ وري تفويض جو جيڪو متو آهي تہ انسان کي ڪلي اختيار آهي ۽ جيئن جنهن کي مناسب نظر اچي تيئن ڪري سو بہ بلڪل خراب آهي. ڇو تہ اهو اصول اخلاقن جي بنياد کي ئي اکوڙي ٿو ڇڏي ۽ سڀ ڪنهن انسان کي جيئن وڻندو تيئن پنهنجي حرص و حوس کي ڇوٽ ڇڏي ڏيندو. ڇو تہ جيڪڏهن


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ پاڳي پائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

سڀ ڪنهن شخص کي ڪلي اختيار ڏجي ته هو پنهنجي لاءِ حق ۽ ناحق پاڻ پروڙي اختيار ڪري ته پوءِ ساڻس ڪو به قاعدو يا قانون لڳائي نه سگهبو. پر اختيار تفويض ڪان ٻيءَ طرح آهي. الله تعاليٰ سڀ ڪنهن انسان کي طاقت ڏني آهي ته سندس حڪمن کي سمجهي ۽ اُنهن تي عمل ڪري. جي ماڻهو ڪوشش ٿا ڪن ته پاڪائيءَ ۽ سچائيءَ سان رهون، تن کي الله تعاليٰ اُن ۾ مدد ٿو ڪري. اهيئي آهن جو سندس راضپو حاصل ٿا ڪن. مگر اُهي جي سندس حڪمن جي نافرماني ٿا ڪن سي گنهگار آهن.

عباسي خاندان جي زماني ۾ يونان ۽ هندوستان مان يوناني ۽ سنسڪرت ڪتاب آڻائي عربيءَ ۾ ترجمو ڪيا ويا ۽ علم ۽ فلسفي جي ڌُم لڳي ويئي. انهيءَ زماني ۾ فرقا پيدا ٿيا، هڪ معتزله ۾ ٻيا صفاتيه. اُنهن جو بيان وڏو آهي، مگر ايترو ٻڌائجي ٿو ته معتزله عقل، فلسفي ۽ دليلن کان ڪم وٺندا هئا ۽ صفاتيه بنا سوچ ويچار جي جيڪي وڏن يا عالمن لکيو يا چيو سو قبول ڪندا هئا. ايترو به خيال ڪو نه ڪندا هئا ته ڪهڙيون حديثون معتبر آهن ۽ ڪهڙيون غير معتبر، ۽ فلاڻا متا يا اصول هڪ ٻئي سان موافق آهن يا مخالف. اڄوڪا عالم اڪثر ڪري معتزله فرقه جي خلاف آهن، ۽ پاڻ به صفاتيه فرقي وانگرسيني گذريل علمائن جي قولن ۽ متن کي بنا سوچ ويچار جي قبول ڪندا آهن، ۽ اهو خيال به نه ڪندا آهن ته اُنهن متن مان ڪيترائي نه رڳو قرآن شريف ۾ معتبر حديثن جي خلاف آهن پر هڪ ٻئي جي به خلاف آهن.

منهنجو خيال آهي ته معتزله به گهٽي قدر غلط هئا، جو ته هنن افلاطون ۽ ارسطوءَ کي سورنهن آنا سچو سمجهي، قرآن شريف جا تاويلات اُنهن جي فلسفي جي اصولن مطابق ڪيا. تاهم ايترو ته آهي ته هو عقل کان ڪم وٺندا هئا ۽ صفاتين کان ڪن ڳالهين ۾ بهتر هئا. حڪومت جا عهدا جيستائين معتزله فرقي وارن جي هٿ ۾ رهيا، تيستائين حڪومت جو سرشتو ۽ انتظام عاليشان رهيو. جڏهن عباسي خاندان جي پوين تنگ خيال بادشاهن معتزله فرقي وارن کي معزول ڪري ڇڏيو، تڏهن حڪومت جو انتظام بگڙي ويو. علم جي ترقي رڪجي ويئي، عقل جو دروازو بند ٿي ويو، ۽ ديني خواهه دنيائي تنزل ۽ بگاڙو روز بروز ترقي ڪندو ويو.

معتزله فرقي وارن هڪ نئين علم جو بنياد وڌو، جنهن کي علم الڪلام يعني عقل جو علم سڏبو هو. اُن علم جي وسيلي هو هڪ طرف غير مسلمانن سان مذهبي مناظره ڪري اسلام جي حمايت ڪري سگهندا هئا، ۽ ٻئي طرف تنگ خيال عالمن سان مقابله ڪري سگهندا هئا. اگرچه ابن رشد ۽ ابوسينا جهڙا فيلسوف پوءِ پيدا ٿيا، مگر عمومن اسلامي دنيا کي تنزل جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ وڪوڙيندو ويو.

عيسوي ڏهين صديءَ جي آخر وارو زمانو عقل ۽ سائنس لاءِ هڪ بدقسمتيءَ جو زمانو هو. شاهوڪار عياش ۽ بيدين هئا، ۽ مسڪين جاهل ۽ تعصبي هئا. ان وقت به هڪ چڱي ٽولي پيدا ٿي جن پاڻ کي اخوان الصفا يعني پاڪائيءَ جا يائر سڏايو. هنن جا


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

اخلاقي خيال خود اپياس يعني ذاتي تعليم ۽ خيالن جي پاڪائيءَ تي ٻڌل هئا. هنن جي خيالن مان ڪي خيال هي آهن تہ: دماغي ڪمالات کان بہ اخلاقي فضائل بهتر آهن. روحاني طاقت جنهن جو مدار پاڻ ڪي صبر اورچائيءَ سان انتظام هيٺ رکڻ ۽ پاڻ کي وس ۾ رکڻ تي آهي، ان روحاني طاقت کي سڀ کان افضل سمجهندا هئا. عمل کان سواءِ ايمان کي، ۽ عقل کان سواءِ علم کي بيڪار سمجهندا هئا. صبر ۽ تحمل، نرمي ۽ محبت، انصاف، رحم، سچ ۽ اخلاقي بلندي، ٻين جي ڀلي لاءِ خود قرباني ڪرڻ تي زور ڏيندا هئا. منافقي، ننگي، حسد، هٺ، ظلم، ڪوڙ کي پنهنجي تصنيفن ۾ هر صفحہ تي ننديندا هئا. ان وقت جا مذهبي عالم سندن ايتري قدر دشمن ٿي پيا جو متعصب خليفہ معتصم کي برغلائي سندن علمي ڪتابن کي ساڙائي ڇڏيائون.

رائيٽ آنربل سيد امير علي لکي ٿو تہ امام اعظم ابو حنيفہ ۽ امام مالڪ بن انس ڪجھ وقت امام جعفر صادق وٽ تعليم حاصل ڪئي.

امام ابو حنيفہ عراق جو ويٺل هو، ۽ امام مالڪ مدنيہ منوره جو. ٻئي نيڪ اخلاقن جا پتلا هئا ۽ نهايت شفيق ۽ مهربان هئا ۽ اسلام جي بنياد کي وسيع ڪرڻ لاءِ جوشيلا هئا. آل رسول ﷺ جا حمايتي هئا، جنهن ڪري ڪين تڪليفون بہ برادشت ڪرڻيون پيون. امام ابو حنيفہ مدينہ منور مان موٽڻ وقت ڪوفہ ۾ پنهنجو مدرسو کوليو، جو حنفي مذهب جو پايو وجهندڙ ٿيو. گهڻين حديثن کي ڪوڙو سمجهي رد ڪيائين، ۽ سندس تعليمات جو گهڻو مدار قرآن شريف تي رهيو، جنهن مان تمثيل ۽ استنباط جي وسيلي سڀ ڪنهن امر ۽ حالت لاءِ فتوائون ڏنائين. سندس شاگردن ابو يوسف ۽ محمد سندس خيالن کي ترتيب ڏيئي وڏيڪ مروج ڪيو. امام مالڪ وري ٻيو رستو ورتو، هن استنباط کي بلڪل بيدخل ڪيو ۽ پوري پرک کانسواءِ حديثون گڏ ڪري اُنهن تي پنهنجي مذهب جو بنياد ٻڌائين.

ڪاليجن ۾ عقل ۽ فلسفي جو دور هو، تہ مسجدن ۽ منبرن ۾ وري حنفي مذهب جو لاڙو ڪجھ قدر صفاتيہ فرقي ڏي ٿيندو ويو.

امام حنبل جي ڪتابن ۾ ڪجھ اهڙيون روايتون شامل هيون جي هڪ ٻئي جون مخالف، عقل کان بعيد ۽ حيرت ۾ وجهندڙ هيون. گهڻيون تہ هڪ ٻئي سان ٺي ٺهڪي ڦهڪي نٿي آيون، ۽ ظاهر ظهور هتراڏو ٺاهيل هيون. پوءِ تہ ترقي ۽ تنزل جي ٽولين جي پاڻ ۾ سخت جنگ شروع ٿي ويئي. ابن حنبل صفاتيہ فرقي وارن جا خيال اختيار ڪيا، ۽ سيڪاريائين تہ الله تعاليٰ کي اکين سان ڏسي سگهجي ٿو، سندس صفتون سندس ذات کان جدا آهن، سندس ڪرسي ۽ عرش تي ويهڻ جو مطلب ظاهري معنيٰ ۾ وٺڻ گهرجي، انسان کي ڪو اختيار ڪونهي، انسان جو سڀ ڪو فعل الله تعاليٰ جو فعل آهي وغيره وغيره. علم ۽ سائنس جي سخت مخالفت ڪيائين، ۽ عقل ۽ فلسفي جي خلاف جهاد جو اعلان ڪيائين، عام ماڻهن سندس فصاحت ۽ جوش کان متاثر ٿي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

سندس طرفداري ڪئي. حنفي مذهب وارن جي مقبوليت جو مدار به عام ماڻهن تي هو، ۽ درٻاري ماڻهو فيلسوفن ۽ سائنس دانن جا حاسد هئا، تنهنڪري هو به ابن حنبل سان شامل تي ويا. منبرن تان فلسفي ۽ سائنس وارن تي سخت حملا ۽ ڪفر ۽ دوزخ جون فتوائون جاري ٿيون. بغداد جي گهٽين ۾ ڪيترائي فساد ۽ خونريزيون ٿيون. خليفن معتصم ۽ واثق سختيءَ سان سندن جوشيلا حملا روڪيا، ۽ سندن مکيه مهندار کي جيل ۾ رکيو ويو جتي وفات ڪيائين، جنهنڪري هو مقدس شهيد سمجهيو ويو ۽ سندس جنازه سان هڪ لک چاليهه هزار مرد ۽ عورتون شامل ٿيا. سندس مذهب گهڻو زور ڪونه ورتو، مگر سندس خيال حنفي مذهب ۾ گڏجي ويا ايتري قدر جي حنفي متن ۽ اصولن کي نئون رنگ اچي ويو.

هن ڪان پوءِ حنفي مذهب امام ابو حنيفه ۽ امام ابن حنبل جي تعليمات جو مرڪب ٿي پيو.

جڏهن متوڪل تخت تي وينو تڏهن سيئي ملڪي طاقتون فيلسوفن جي هٿ ۾ هيون. مکيه جوابداري وارا عهدا سندن هٿ ۾ هئا. اُهي ڪاليجن جا پروفيسر، اسپتالن جا سپرنٽينڊنٽ ۽ رسد گاهن  جا ڊائريڪٽر ۽ واپاري هئا. مطلب ته سڄي بادشاهت جي عقل ۽ دولت جا نمائندا ئي فيلسوف هئا. تعليم يافته، دماغي ۽ وقار وارن سيني فرقن جو مذهب، عقل ۽ فلسفو هو. صفاتيه مذهب مسڪين فرقن ۾ رائج هو. گهڻا قاضي ۽ واعظ ۽ فقيهه انهيءَ فرقي جا هئا. خليفه متوڪل ظالم، نشئي ۽ وقتي سودائي به هو، مگر ڪيس اهو عقل هٿ آيو ته سندس فائدو ۽ زور انهي ۾ آهي ته پوئين فرقي کي همٿايان ته هڪدم عام ماڻهن ۾ هردلعزيز ٿي پوندس، ۽ متعصب ماڻهن لاءِ چڱو خليفه سمجهڻ ۾ ايندس. هڪدم فرمان ڪڍيائين ته ترقيءَ واري ٽولي کي سيني عهدن کان معزول ڪيو وڃي. ڪاليج ۽ يونيورسٽيون بند ٿيون. علم، ادب، سائنس ۽ فلسفو سيکارڻ ۽ مشهور ڪرڻ جي منع ٿي ويئي، ۽ فيلسوفن کي شهر مان ڪڍيو ويو. متوڪل حضرت عليءَ ﷜ ۽ سندس پٽن جو مقبرو ڊهرائي ڇڏيو. متعصب ۽ تنگ خيال فقيهن کي سڀ عهدا مليا. متوڪل وفات ڪئي ته مستنصر خليفو ٿيو جنهن جي وقت ۾ وري ترقيءَ پسند ٽولي کي عهدا مليا.

پر بيرحم ۽ خونخوار منتظر با الله جي عهد خلافت ۾ وري ساڳيو تنزل وارو ٽولو زور وٺي ويو. انهن جي راءِ هئي ته جئين الله تعاليٰ کي ڪلي اختيار آهي تيئن سندس عيوض بادشاه کي به ڪلي اختيار آهي، جئين وڻيس تيئن ڪري.

امام غزالي﷫ ننڍي هوندي کان مختلف علومن، فلسفي ۽ سائنس حاصل ڪرڻ ۾ گهڻو وقت صرف ڪيو، پر قلبي تشفي نه هئڻ ڪري تصوف ڏي مونٽي پيو. اگرچه فلسفي ۽ سائنس کي مذهبي اطمينان ۽ قلبي آرام لاءِ ڇڏي ڏنائين، تڏهن به سندس تصنيفن ۾ بلڪل سهڻا خيال آهن. هو عقل جي تعريف ٿو ڪري، ۽ اُن کي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

خيالي ويساھ کان بهتر ٿو سمجهي ۽ بي سوچ ۽ تعصبي ايمان جي مخالفت ٿو ڪري جو عقلي تحقيق ۽ علم کي انهيءَ ڪري رد ٿو ڪري ته اهي فيلسوفن وٽان آيل آهن. هو بي سوچ ايمان کي اسلام جو نادان دوست ٿو ڪوٺي. سندس تعليمات بابت ذاتي آزادي، اخلاقي هلت، تزڪيئه نفس، ۽ پنهنجي وقت جي ملن جي بد اخلاق ۽ بيڪار زندگين جي ڏڪار، اهي سڀ ڏيکارين ٿا ته ڪيتري قدر هو نيڪ طبيعت هو.

سال 1150 عيسوي ۾ خليفه مسنصر جي حڪم سان ابن سينا جا فلسفي جا ڪتاب ۽ اخوان الصفا جا رسالا جيڪي خانگي خواھ پبلڪ ڪتب خانن ۾ موجود هئا سي سڀ ساڙيا ويا. 1192ع ۾ حڪيم الرڪن عبدالسلام تي ڪفر جو الزام رکيو ويو، ۽ جاهلن ۽ ملن گڏجي سندس ڪتابن کي ڍير ڪري ساڙي ڇڏيو. جيڪو ملان انهن جو مهندار هو سو اُن وقت ڪرسي تي چڙهي بيٺو ۽ فلسفه جي خلاف ليڪچر ڏنائين. هڪڙو شخص جو اُن وقت حاضر هو سو لکي ٿو ته، مون ڏٺو ته اُن ملان جي هٿ ۾ ابن الحزن جو هڪ ڪتاب هو جو ستارن جي علم بابت هو. ملان ڇا ڪيو جو اُهو ڪتاب کولي هڪ گول جي شڪل ماڻهن کي ڏيکاري چيائين ته هي ڏسو! مصيبت! بيان کان ٻاهر مصيبت! ائين چوندي ڪتاب ڪٽي باھ ۾ وڌائين.

ايترين ڳالهين هوندي به جهل عقل تي غالب نه پوي ها، پر تاتاري مغلن ڪم ئي پورو ڪري ڇڏيو. جيڪي نادان ملن بچايو، سو اُنهن تاتارين باھ جي حوالي ڪري ڇڏيو. تاتاري ان وقت اهڙا جهنگلي هئا جن جو بيان پارسي شعر ۾ اجا موجود آهي، جتي ڏيکاريل آهي ته سيني جي وارن ۾ به سؤ جوئان جا هونديون هئن.

حضرت رسول ﷺ عقل ڪم آڻڻ جو تاڪيد ڪيو. مگر اڄوڪن ملن گهڻو ڪري عقل ڪم آڻڻ کي گناھ سمجهيو آهي. پاڻ ﷺ انسان جي پوڄا ڪرڻ يا حد کان ٻاهر عزت ڏيڻ کان منع فرمايائون، مگر اڄوڪن سيني مسلمانن چئن امامن پنجتن ۽ سلف صالحين کي اهڙو وزن ڏنو آهي جهڙو وحي کي! بلڪ ان کان به وڌيڪ، ۽ شيعن وري پنهنجي مجتهدن کي. انهن جي خيالن کان ٿورڙو ئي تجاوز ٿو ڪجي، پوءِ اگرچه اهو تجاوز رسول الله ﷺ جي تعليمات ۽ عقل سان موافق هجي ته به اُن کي گناھ سمجهيو ٿو وڃي. پاڻ فرمايائون ته جنن ڀوتن وغيره جو اسلام سان ڪو تعلق ڪونهي، مگر ڪن مسلمانن جو انهن ۾ پڪو ايمان آهي. پاڻ تاڪيد ڪيائون ته علم جي طلب ۾ ڪافرن جي ملڪ ڏي به مسافري ڪري وڃو مگر اڄوڪا مسلمان گهر جي اسڪولن ۾ به تعليم وٺڻ کان انڪار ٿا ڪن.

تصوف جو عمل ۽ فلسفو، جو پوءِ اسلام ۾ زور شور سان ٿيو تنهن جو بنياد قرآن شريف جي ڪن آيتن ۽ رسول الله ﷺجي قول ۽ فعل تي ٻڌو ويو. مگر اهو فلسفو عوام الناس کي گمراھ ڪري ٿو ڇڏي، ۽ مسلمانن ۾ انهي تصوف جا نتيجا اهڙا برا نڪتا آهن جو الله جي امان. امام غزالي پڻ اهڙي شڪايت ڪئي آهي.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

رائيٽ آنربل امير علي جا ڪتاب تمام وڏا آهن. انهن مان فقط ڪي ٿورڙا جملا چونڊي مٿي ڏنا ويا آهن. سنڌ جي مسلمانن جي اهڙي حالت آهي جو ننڍڙا اسلامي ڪتاب چئن پنجن آنن(روپين) وارا بہ خريد ڪري نٿا سگهن، اگرچہ اهي اسلامي ڪتاب عاليشان هجن، ۽ سيڪنهن فرقي جي مسلمانن وٽ مقبول هجن. پوءِ جيڪڏهن امير علي جا ڪتاب ترجمو ڪري ڇپائجن، ۽ هر هڪ جي قيمت چار روپيہ رکجي تہ ڪهڙو مسلمان خريد ڪندو. خريد ڪرڻ تہ پنهنجي ماڳ، پر اٽلندو مٿي بيان ڪيل ملن وانگر انهن ڪتابن کي باهہ جي حوالي ڪري ڇڏيندو. مگر اسان جو فرض آهي تہ تعصب ۽ تنگ خيالي دور ڪري اهڙن ڪتابن جو اڀياس ڪليل دماغ سان ڪيون، ۽ عقلي ۽ نقلي دليلن سان انهن جي تنقيد ڪيون، ۽ صحيح خيالات جي تائيد ڪيون، غلط خيالن جي ترديد ڪيون، تہ حق حق ٿئي ۽ باطل باطل ٿئي. تڏهن ئي مسلمانن ۾ ترقيءَ جو دور شروع ٿيندو. اڪين ٻوٽڻ سان ترقي ڪانہ ٿيندي. رڳو اهڙا ڪتاب ئي نہ پر خود مخالفن ۽ ڪافرن جا ڪتاب ۽ غير مذهبن جا ڪتاب بہ پڙهڻ گهرجن. امير علي جي ڪتابن پڙهندڙن کي اهو يقين تہ هڪدم ٿيندو تہ سندس علم ۽ قابليت کي آفرين آهي. ڏسجي ٿو تہ هن نہ رڳو اسلام جي ديني ۽ دنيوي تاريخ سڄي پڙهي آهي، ۽ سيني سنين توڙي شيعن جي امامن جون تصنيفون فقہ ۽ حديثن جا ڪتاب ۽ تفسير پڙهيا آهن، پر دنيا جي هر مذهب ۽ هر ملڪ جي تاريخ جو اڀياس پڻ ڪيو آهي. هو قديم خواه جديد علومن ۽ فلسفو جو ماهر آهي. اهڙي مصنف جون تصنيفون پڙهڻ تہ ضرور گهرجن، پوءِ جيڪڏهن ڪي غلطيون نظر اچن تہ انهن بابت تحقيقات ڪري پوءِ انهن جي ترديد ڪجي.

## مسلمانن ۾ ٽي فرقا

اڄوڪي زماني ۾ ترقيءَ جي نقطئہ نظر سان ڏسبو تہ مسلمانن ۾ (خواه ٻين مذهبن ۾) ٽي فرقا آهن. هڪ فرقو انهن جو آهي جي اڄ ڪلهہ جي عقل ۽ سائنس ۽ يورپي ترقي ۽ تهذيب جي اثر هيٺ اچي مذهب کي اجايو ۽ بي سود سمجهڻ لڳا آهن. ٻيا اهي جيڪي اڌ پڙهيل مولوي ۽ ملان ۽ عوام الناس آهن، جن کي عقل ۽ تميز ايتري بہ ڪانهي جو ڪنهن بہ مٿي يا خيال بابت چئي سگهن تہ قرآن شريف ۽ حديثن سان موافق آهي يا مخالف. اهو فرقو اهڙو خوش اعتقاد آهي جو جيڪي بہ وڏن چيو آهي يا شاعرن چيو آهي تنهن کي سچ سمجهندا آهن. ٽيون فرقو انهن جو آهي جو سڌيءَ طرح قرآن شريف ۽ صحيح حديثن کان ڪم وٺن ٿا ۽ اوائلي تفسيرن ۽ اصحابن سڳورن جي عملن سان موافقت تا رکن. اهو فرقو گهٽي قدر عقل کان ڪم وٺي ٿو. انهن کي اڪثر ڪري اهل الحديث يا غير مقلد يا وهابي سڏيو وڃي ٿو، اگرچہ هو سچ پچ وهابي نہ آهن. هاڻي انهن ٽن فرقن بہ نسبت ڪجهہ نہ ڪجهہ بيان ڏبو.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

يورپي ترقي ۽ تهذيب جا گرويده ايتري حد کي پهچي ويا آهن جو اُهي مسلمان ئي نہ رهيا آهن. هو فقط منافقي طور پاڻ کي مسلمان سڏائين ٿا چو تہ هنن جا تعلقات مسلمانن سان آهن. جيڪڏهن پاڻ کي مسلمان نہ سڏائين تہ تڪليفن هيٺ اچي ويندا. مگر منافقي ڪفر کان بہ خراب آهي. منافقي اسلام کي سخت صدمو ۽ شڪست ٿي پهچائي. چو تہ نادان عوام الناس مسلمان سندن اسلامي احڪامن کان غفلت ۾ منهن موڙ ڏسي پاڻ بہ بي دين ٿي ٿا پون. پهاڪو آهي تہ الناس علي دين ملوڪهم يعني عام ماڻهو پنهنجي بادشاهن جي روش تا وٺن. اسان جا يورپي ترقي جا شائق اڪثر ڪري وڏا آفيسر، ليڊر ۽ پوزيشن وارا ماڻهو آهن، تنهڪري عام ماڻهو ضرور انهن جوئي نقل ڪندا، ۽ سندن روش وٺندا. تنهن ڪري انهن صاحبن کي گهرجي تہ همت ۽ جرئت رکي پاڻ کي ڪليو ڪلايو دهريو سڏائين، ۽ بزدل ٿي مسلمان نہ سڏائين، ۽ ناحق مسلمانن کي ڪوهہ ۾ نہ ٻوڙين، نڪي غير مسلمانن جي نظر ۾ اسلام کي حقير ۽ بدنام ڪن. ڪليو ڪلايو اسلام کان انڪار ڪندا، بلڪ اسلام جي مخالفت ڪندا تہ انهيءَ ۾ اسلام کي نقصان ڪونهي پر اٽلندو اسلام جو فائدو آهي، چو تہ پوءِ بحث مباحثي ۽ مناظري جي ڪري ڪوڙ ۽ سچ ظاهر ٿي پوندو. درحقيقت انهي فرقي کي سچي اسلام جي خبر ئي ڪانهي. هنن کي رڳو اهي خبرون آهن جي نيم خوانده مولوين ۽ ملن کان ٻڌيون اٿن جي سچ پچ بہ عقل ۽ علم واري انسان کي ايمان مان ڪڍي ڇڏيون ڇڏين. قوم جي سچن مسلمانن کي بہ گهرجي تہ اهڙن بي دينن کي پنهنجو ليڊر نہ بنائين، ۽ انهن کي فخرِ اسلام ڪوٺڻ بدارن لنگئہ اسلام سڏين. ارمان تہ پيٽ پالو اخباري ايڊيٽرن جو آهي جي پاڻ کي جوشيلا مسلمان بہ سڏائين ۽ اهڙن ڪوڙن منافقن کي فخر اسلام جا لقب بہ ڏين. اسان کي گهرجي تہ جي شخص نماز روزي ۽ ٻين اسلامي رڪنن جا پابند ناهن تن کي ليڊريءَ تان لاهي ڇڏيون، ۽ انهن کي ليڊر بنايون جيڪي ليڊر شب جي قابل بہ هجن، پر ان سان گڏ اسلامي احڪامن جي پيروي ڪندڙ بہ هجن. ليڊر جي معني آهي رهبر، مگر اسان جا گهڻا ليڊر رهبر نہ پر رهزن آهن. انهن منافقن کي جيڪڏهن چئجي ٿو تہ توهان اسلام بابت جديد ڪتاب پڙهي ڏسو تہ هو چون ٿا تہ جيڪڏهن اسلام جي تعليم اها آهي جا جديد ڪتابن ۾ ڏيکاري وجي ٿي تہ پوءِ بيشڪ اسلام چڱو چئبو. پر چون ٿا تہ حقيقت اها ناهي، اها رڳي مصنفن جي نڳي آهي جو تاويلات ڪري اسلام جي اڳوڻي تعليم کي هاڻوڪي خيالن ۽ عقل سان موافق ڪري ٿا ڏيکارين. انهي جو جواب هي آهي تہ پلا توهان اهي ڪتاب ڪڍي نہ پڙهو. توهان رڳو قرآن۽ حديث جي اصولن کي نظر ۾ رکي قرآن شريف ۽ صحيح بخاري پڙهي ڏسو، يا اوائلي تفسير پڙهي ڏسو، پوءِ توهان ڏسي سگهندو تہ ڪيتري قدر جديد ڪتاب انهن سان موافق آهن. الله تعاليٰ شال انهي فرقي کي منافقي کان ڇڏائي پورو مسلمان ڪري يا سندن ڪفر ظاهر ڪري!

ٻيو فرقو انهن جو آهي جن کي نہ عقل آهي، نہ تميز آهي، نہ علم آهي، نہ


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

مناظره جي طاقت، نه دين جي خبر آهي نه دنيا جي. جديد علومن ۽ فلسفن کان غير واقف آهن. دنيا جي اڳوڻي تاريخ ته ٺهيو پر هن زماني ۾ ڇا ڇا هلي رهيو آهي تنهن جي به خبر نه اٿن. غير مذهبن ۽ غير مذهب جي ماڻهن جي خيالن جي خبر ته ڪانهين، پر رڳو پنهنجي مذهب اسلام جي به خبر ڪانهين. هو ظاهر زنده آهن، مگر مئلن جي قطار ۾ آهن. اکين هوندي انڌا، ڪنن هوندي ٻوڙا، ۽ دماغ هوندي بي عقل آهن. اخبارون پڙهن ڪين، جيڪي جيڪي اڳوڻن عالمن يا شاعرن چيو آهي يا لکيو آهي سو سڀ سچ ٿا سمجهن. اگرچه قرآن مجيد ۽ حديث جي مخالف هجي، يا خود اهي عالم ۽ شاعر پاڻ ۾ هڪ ٻئي جا مخالف هجن. پر جنهن صورت ۾ هن فرقه وارا سوچ ويچار ڪن ئي ڪو نه ۽ عقل کي پيتيءَ ۾ بند ڪري قفل هڻي ٿا ڇڏين ته پوءِ هنن کي مخالفت ڏسڻ ۾ ڪيئن اچي. نڪي اخبارون پڙهن، نڪي نون تحريڪن ۾ شريڪ ٿين، اٽلندو سڀ ڪنهن تحريڪ جي مخالفت ڪن. جيئن سڪٽو گهڙو وڄندو آهي، تيئن هو گهر ويٺي هٺ ۾ پيا ڇڄن. ٻين خيالن جي ماڻهن سان ملڻ ۽ گفتگو ڪرڻ کان ائين ڇرڪندا آهن جيئن ڪانءُ ڪمان کان، تڏهن به پاڻ کي عقل ۽ علم جو درياه سمجهندا آهن. آڪاڻي آهي ته هڪڙي ڏيڏري سڄي حياتي هڪ کوه ۾ رهي هئي، نڪي پاڻ ڪڏهن ٻاهر نڪتي هئي، نڪا ڪا ٻاهرين ڏيڏري وٽس آئي هئي. اتفاقن درياه جي اٿل ٿيڻ ڪري پاڻي اچي کوه ۾ پيو، ۽ ڪيتريون ئي ٻاهريون ڏيڏريون اچي کوه ۾ پيون. حال احوال ڏيندي وٺندي کوه واري ڏيڏري پڇيو ته ڇا درياه هن کوه جي هن ڪنڊ جيڏو آهي؟ هنن چيو ته نه، درياه جي پيٽ کوه سان ڪريئي ڪانه سگهبي. تڏهن وري پڇيائين ته ڀلا هن کوه جي اڌ جيڏو آهي؟ جواب ڏنائون ته اجايو مغز ٿي کپائين، لک کوه گڏجن ته به درياه جي مٽ نه ٿين. تنهن تي کوه واريءَ ڏيڏريءَ چيو ته توهان ڪوڙ ٿيون ڳالهايو. ڪا به شي هن کوه جيڏي وڏي ٿي ڪين سگهندي.

نيم خوانده ملن ۽ مولوين جو حال به انهيءَ کوه واريءَ ڏيڏريءَ جهڙو آهي. هنن ويچارن جيڪي پنهنجي استادن کان سکيو تنهن کان وڌيڪ ڪا به خبر ڪانهين. انهن جي لاءِ دنيا ۾ ٻيو علم آهي ئي ڪو نه. نه وري دنيا جي ملڪن جو سير ڪري زبردست عالمن سان گفتگو ڪئي اٿن. هو جيڪڏهن ڏهن ورهين جي قادياني ڇوڪر يا آريه ڇوڪر سان مناظره ڪن ته هڪ سوال جو جواب به ڪين ڏيئي سگهندا، گهٽي ۾ گهٽو ائين چوندا ته فلاڻي ڪتاب ۾ هيئن لکيل آهي. اُهو ڇوڪرو چوندو ته مان انهيءَ ڪتاب کي مڃان ئي ڪو نه ٿو، تون مون کي عقل سان سوال جو جواب ڏي. مولوي صاحب چوندو ته خبيث آهين، منڪر آهين تو سان مون کي ڳالهائڻو ئي ناهي. هن فرقي وارن کي نه ڪتابن جي مطالعي جو شوق آهي، نه تبليغ ڪرڻ جي رغبت يا قابليت آهي. درحقيقت جنهن نالي جي مولوي کي قرآن شريف، حديثن ۽ ڪتابن پڙهڻ جو شوق ناهي سو عالم ناهي پر جاهل آهي. ڇو ته جيڪڏهن قرآن ۽ حديث وغيره ڪيس


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

سمجھ ۾ اچن ها تہ ضرور وٽنس ها، ۽ جي وٽنس ها تہ ضرور انهن کي بار بار پڙهي ها، ۽ پين کي بہ شوق ۽ جوش سان پڙائي ها. انهيءَ فرقي جون پيون خصوصيتون ۽ خيال هيٺين بابن ۾ اچي ويندا، تنهنڪري هت وڌيڪ بيان ڪرڻ نٿو گهران.

ٽيون فرقو اُنهن جو آهي جن موجوده زماني، خصوصن يورپي عقل ۽ علم کان متاثر ٿي، اسلام جو اپياس بلڪل نيئن نقطئہ نظر سان ڪيو آهي، ۽ هاڻي مذهبي آزادي هئڻ ڪري پوئين زماني جي خيالن کي ڇڏي اصل قرآن ۽ حديث ۽ اصحابن سڳورن جي قول ۽ فعل ڏي رجوع ٿيا آهن. نئون نقطئہ نظر هي آهي تہ آيا اسلام جي تعليم عقل جي موافق آهي يا نہ، ۽ ان تعليم تي عمل ڪرڻ سان اسان سچي ترقي ۽ تهذيب ۽ دنيا ۽ آخرت جي بهبودي حاصل ڪري سگهون ٿا يا نہ. هي انهي ڪوجنا ۾ ڪامياب ٿيا آهن ۽ ڪين يقين آهي تہ اسلام ئي ڪامل مذهب آهي ۽ فقط اسلام ئي ڪامل ترقيءَ جو وسيلو آهي. تنهنڪري هنن کي اسلام جي تبليغ جو نهايت گهڻو چاهہ آهي، هو غير مذهب وارن سان نہ رڳو مناظرو ڪري سگهن ٿا، پر ڪين اسلام تي آڻي سگهن ٿا، ۽ آڻين پيا. هو غير مذهبن جو اپياس ڪن ٿا ۽ اُن سان گڏ دنيا جي قديم ۽ جديد تاريخ ۽ فلسفو پڙهن ٿا، ۽ هلندڙ وقت جي حالتن ۽ خيالن جي پوري پوري واقفيت رکن ٿا اُنهن کي نيم خوانده مولوي اڳي ڪافر سڏيندا هئا، پر هاڻي گهڻو ڪري اهل حديث يا غير مقلد يا وهابي سڏيندا آهن. هندستان ۾ اهو جهڳڙو گهڻو وقت اڳي شروع ٿيو هو. مولانا حالي ۽ مولانا شبلي جهڙن زبردست عالمن کي ڪافر سڏيو ويندو هو، مگر هاڻي هو عام قبوليت حاصل ڪري چڪا آهن. سنڌ ۾ اجا هاڻي اهڙا عالم پيدا ٿيڻ لڳا آهن، پر علم بلڪل ٿورو اٿن. اميد تہ انهيءَ قسم جا عالم جلد گهڻا ٿيندا ۽ ڪين ورلي ڪو وهابي سڏيندو. هو بہ قبوليت عام حاصل ڪندا ۽ شرڪ ۽ بدعتون گهٽي قدر نڪري وينديون. انشاءَ الله.

## مذهبي بگاڙو

حضرت رسول ﷺ جن جو قول آهي تہ سڀ ڪنهن معاملي ۾ قرآن شريف مان هدايت وٺو. جيڪڏهن قرآن شريف مان ان امر بہ بابت حڪم نہ ملي سگهي تہ منهنجي قول ۽ فعل مان هدايت وٺو. جيڪڏهن اُنهن مان بہ نہ ملي تہ قياس ڪم آڻيو. پر ايئن بہ فرمايل آهي تہ اصحاب سڳورا بہ هدايت جا ڏيئا آهن. مذهب مان سمجهبو تہ قياس سان گڏ اصحابن سڳورن جي عام قول ۽ فعل کي ويچار هيٺ آڻڻو آهي. مگر اُن ۾ هيءَ احتياط ضروري آهي تہ اهو قول ۽ فعل اصحابن سڳورن ۾ عام هجي، خصوصن مشهور اصحابن ۾. ائين نہ ڪجي جو ڪنهن هڪ اصحابي جي قول يا فعل کي ايترو وزن ڏجي جيترو الله جي ڪلام کي. اصحاب سڳورا بہ انسان هوا، انسان کان ڪانہ ڪا غلطي ضرور ٿيڻي آهي. فقط پيغمبر ئي ڪامل انسان آهن، سو بہ مذهب جي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ پاڳي پائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

باري ۾، نہ دنيا ئي معاملن ۾.

اها ڳالھ ياد رکڻ گھرجي تہ اسلام جا مکيہ احڪام قرآن شريف ۾ ئي اچي تا وڃن. پر افسوس اهو آهي تہ اُن جي معنيٰ سمجھڻ ۽ تفسير ڪرڻ ۾ غلطيون ڪيون ٿيون وڃن. ھڪڙو اصول هي آهي تہ قرآن مجيد آسان ۽ چٽو آهي، جئين بار بار خود قرآن شريف ۾ فرمايل آهي. قرآن شريف ۾ فرمايل آهي تہ اُن جا ڪي ڀاڱا بلڪل چٽا ۽ واضح آهن، باقي جيڪي ڀاڱا مثال يا استعاري طور آهن، تن جو تفسير انهن چٽن ڀاڱن موجب ڪرڻ گھرجي. ٻيو اصول هي آهي تہ قرآن شريف جي ڪن آيتن جو تفسير ڪن ٻين آيتن ۾ ئي ملي ٿو. ٽيون اصول هي آهي تہ ڪنھن بہ آيت جي معنيٰ ۽ تفسير اهو وٺجي جو قريني سان موافق هجي يعني انهي آيت کان اڳين ۽ پوين آيتن ۾ جيڪو مضمون هجي انهيءَ سان موافق هجي. چوٿون اصول هي آهي تہ تفسير ڪرڻ ۾ صحيح حديثن ۽ اصحابن سڳورن جي عام قولن ۽ فعلن کان بہ مدد وٺجي. پنجون اصول هي آهي تہ اهڙي معنيٰ ۽ مطلب بہ نہ ڪيجي جو ظاهر ظهور عقل جي خلاف هجي يا ان تي عمل ڪرڻ مان فائدي جي بدارن نقصان هجي. ڇهون اصول هي آهي تہ گھٽي قدر اوائلي تفسيرن جي مدد وٺجي. اوائلي ۽ چڱا تفسير هي آهن:

امام فخر الدين رازي جو تفسير ڪبير، ابن جرير جو طبري، زمخشريءَ جو ڪشاف، بيضاوي، ابن ڪثير، ۽ جامع البيان. (۽ هاڻوڪن عالمن مان مولانا آزاد جو ام الڪتاب/ترجمان القرآن ۽ مولاناعبيدالله سنڌيءَ جو الهام الرحمان ۽ المقام المحمود)

پوين مفسرن بہ وڏيون غلطيون هي ڪيون آهن جوهڪ تہ ڪيترين ئي آيتن جو شان نزول ڪن ڪوڙين روايتن سان شامل ڪري پنهنجي معنيٰ ٺاهي اٿن، ۽ ٻيو تہ سنئين سڌين ۽ چٽين آيتن، جن جو مطلب بلڪل ظاهر پيو آهي ۽ جن جي تفسير ڪرڻ جي ڪا ضرورت ئي ڪانهي، تن تي پنهنجي مغز خراشي ڪري اونهيون معنائون ۽ مطلب ڪڍيا اٿن، جي معنائون ۽ مطلب بلڪل غلط آهن. ستون اصول هي آهي تہ قرآني الفاظن جي لغوي معنيٰ جو بہ ويچار ڪرڻ گھرجي. هڪڙي لغت آهي جنھن ۾ قرآن شريف جي الفاظن جي معنيٰ ڏنل آهي، اها ضرور ڪم آڻڻ گھرجي. اها لغت آهي امام راغب اصفهانيءَ جي جنھن جو نالو آهي ”مفردات في غريب القران.“ ابن اثير جي نهايہ وري حديث لاءِ چڱي لغت آهي.

مان عرض ڪري آيو آهيان تہ سڀ کان پھريان اسان کي قرآن شريف تي عمل ڪرڻ گھرجي ۽ اوائلي مسلمان ڪندا بہ ائين هئا. مگر افسوس جو يزيد جي زماني کان وٺي مذهبي آزادي ڪانہ رهي. هزارين ڪوڙيون حديثون نهيون، جي اڄ تائين بہ گمراهي جو سبب بنجي رهيون آهن. ان وقت گھٽي قدر قرآن شريف کي ڇڏي ڪوڙين حديثن تي عمل ڪرڻ ۾ آيو. اهو خيال بہ ڪو نہ ڪيو ويو تہ اهي حديثون قرآن شريف سان موافق آهن يا مخالف. امامن ۽ فقيهن سڳورن وري اسلامي احڪامن ۽


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

فرائضن کي ترتيب ڏئي اصولي ۽ فروعي قانون مرتب ڪيا. انهن اسلام جي عاليشان خدمت ڪئي ۽ عوام الناس جي رهبري ڪئي. مگر افسوس جو فقيهن جي فقہ کي، بلڪ علمائن جي فتوائن کي ڪافي سمجهي قرآن شريف ڏي پورو توجهه ڪو نہ ڏنو ويو ۽ سچين حديثن ڏي بہ پورو توجهہ ڪو نہ رهيو. ان کان پوءِ هزارين ڪوڙا ڪتاب لکيا ويا، جن جي ڪري هيڪاري گمراهي گهٽي ٿي وئي. ان سان گڏ صوفين جا فرقا پيدا ٿيا جن جي ڪري اصل اسلام کان گهٽي انحرافي ٿيندي وئي. سچو تصوف تہ بلڪل چڱو هو، مگر ڪوڙن صوفين ۽ شاعرن اسلام کان عوام الناس کي بلڪل برطرف ڪري ڇڏيو. هن وقت اڪثر ڪري پڙهيل ماڻهو بہ صوفين ۽ شاعرن جي قولن کي سند ڪري وٺندا آهن ۽ قرآن شريف جي آيتن ۽ حديثن ٻڌڻ کان ئي انڪار ڪندا آهن، جنهن جو سبب هي ڏيندا آهن تہ انهن ولين سڳورن قرآن شريف ۽ حديثن کي اوهان ملن ۽ مولوين کان بهتر سمجهيو هو. مگر قرآن شريف ۾ هڪ آيت آهي تہ الشعراءَ يتبعهم الغاوون يعني گمراہ ماڻهو ئي شاعرن جي پيروي ڪندا آهن. عوام الناس جي اهڙي حالت آهي جو مڪانن ۾ ڀنگ پيئندڙن، آفيم ڪائيندڙن، چرس چڪيندڙن ۽ نماز، روزي ۽ قرآن شريف کان پري ڀڄندڙن کي درويش ۽ ولي ٿا سمجهن. سوَ مان نوانوي ماڻهو انهن درويش ۾ ايمان ٿا رکن.

جيڪڏهن اسان جا عالم خبردار هجن ها تہ عوام الناس جي اهڙي حالت هرگز ڪا نہ ٿئي ها. افسوس هي آهي تہ خود عالمن بہ قرآن شريف کي ڇڏي ڏنو آهي. ڪيترن ئي عالمن جو خيال آهي تہ جيڪڏهن قرآن شريف جي ڪنهن آيت ۽ ڪنهن حديث جي وچ ۾ اختلاف نظر اچي تہ حديث کي وٺجي نہ قرآن شريف جي آيت کي، ڇو تہ ممڪن آهي تہ اسان قرآن شريف جي ان آيت جو مفهوم پوري طرح سمجهي نٿا سگهون. جيڪڏهن ڪنهن حديث ۽ فقہ جي ڪنهن قول ۾ تفاوت نظر اچي تہ فقہ جي قول کي وٺڻ گهرجي، ڇو تہ ممڪن آهي تہ اسان ان حديث کي پوري طرح سمجهي نٿا سگهون، ۽ فقيهن سڳورن کي حديثن جو علم وڌيڪ هو. جيڪڏهن فقہ جي قول ۽ متاخرين مجتهدن جي ڪنهن فتويٰ ۾ اختلاف نظر اچي، تہ ان فتويٰ تي عمل ڪجي نہ فقہ جي قول تي. ڇو تہ مجتهدن جو دماغ اسان کان وڌيڪ سنو هو. هن مان سمجهي سگهجي ٿو تہ سچ پچ پوين عالمن قرآن شريف ۽ حديثن کي بلڪل ڇڏي ڏنو آهي.

ٻيون ثابتيون هي آهن: جڏهن مان ننڍو هوس (خلافت واري گوڙ کان پوءِ حالتون ڪجهہ ڪجهہ ٻي طرح آهن). تڏهن عالمن کان جيڪڏهن قرآن شريف جي ڪنهن آيت جي معنيٰ پڇي ويندي هئي يا ائين پڇيو ويندو هو تہ هن مسئلي بابت قرآن شريف ۾ ڇا فرمايل آهي تہ جواب اهو ملندو هو تہ قرآن شريف ڪنهن سمجهيو آهي ڇا؟ ارمان انهن جي عقل تي آهي جو خود الله تعاليٰ ٿو فرمائي تہ قرآن شريف جون هدايتون چٽيون آهن، مگر هي نالي جا عالم چون تہ قرآن شريف ڪنهن سمجهيو


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

ئي ناهي. پر هو سچ بہ ٿا چون، چو تہ پاڻ جو ڪو نہ سمجهيو هوندن! ٻي ثابتي هي آهي تہ قرآن شريف جي معنيٰ نہ خطبن ۾، نہ وعظن ۾، نہ ئي گفتگو ۾ ٻڌائيندا هئا ۽ نہ وري ڪي اهڙا ڪتاب سنڌي زبان ۾ لکيائون جن ۾ قرآن شريف جي آيتن جي معنيٰ ۽ سمجهاڻي هجي. نڪو اهڙو ترجمون ۽ تفسير لکيائون جنهن ۾ بامحاوره سنڌي ڪم آيل هجي. جيڪڏهن هو قرآن شريف سچ پچ سمجهن ها، ۽ اُن تي عمل ڪندڙ هجن ها، تہ ضرور ڪين وٽي ها، ۽ ٻي اختيار ان جي تبليغ بہ ڪن ها.

ساڳي طرح جيڪڏهن حديثون پڙهن يا سمجهن ها تہ ضرور تقريرن ۽ تحريرن جي وسيلي انهن جي اشاعت ڪن ها. حضرت رسول ﷺ جو قول آهي تہ جيڪو چاليهہ حديثون مشهور ڪندو، تنهن کي هيترو ڪي هيترو ثواب ملندو. هن اعتراض تي ڪي عالم جواب ڏيندا آهن تہ هن ملڪ ۾ سنڌيءَ جو رواج ڪو نہ هو، ڪتاب پارسيءَ ۾ لکيا ويندا هئا. خبر نہ آهي تہ پارسيءَ ۾ سنڌي عالمن جا ڪهڙا ڪتاب انهيءَ قسم جا لکيا ويا هئا، يا هاڻي بہ موجود آهن، جيڪڏهن اُهي سنا آهن تہ چو هن وقت اُنهن جو ترجمو ڪيو نہ ٿو وڃي. مگر حقيقتن اهو جواب پورو نہ آهي چو تہ نورنامي ۽ امير حمزه جهڙا ڪوڙا ڪتاب سنڌيءَ ۾ لکيا ويا، باقي قرآن شريف ۽ حديثن کي چو ڇڏيو ويو؟ انگريزن جي اچڻ بعد تہ سنڌيءَ جو رواج عام ٿي ويو. هزارين سنڌي ڪتاب خصوصن ڪوڙا قصا چار درويش، گل بڪاولي وغيره جهڙا ۽ عشقيه ڪافيون ۽ غزل ڇپايا ويا، مگر ڪنهن بہ عالم کي اهو خيال نہ آيو تہ قرآن شريف منجهؤن ڪي آيتون ۽ صحيح بخاري مان ڪي حديثون چونڊي سنڌيءَ ۾ ترجمون ڪري ڇپايون، تہ ويچارن جاهل مسلمانن کي اسلام جي ڪجهہ خبر پوي. سنڌي تہ ڇڏيو پر پارسي زبان ۾ بہ سنڌي عالمن ڪو اهڙو ڪتاب ڪو نہ لکيو جهڙو اڙدوءَ ۾ رحمتہ اللعالمين يا سيرت النبي آهي يا خواجہ حسن نظامي جو تعليم القران آهي.

رسول الله ﷺ جي سوانح عمري سنڌيءَ ۾ سڀ کان پهريائين هڪ هندوءِ لکي جنهن تي جناب مولوي فتح محمد سيوهاڻي کي رشڪ آئي ۽ حيات النبي لکي ڇپارايائين. پر اهو مولوي صاحب بہ انهيءَ فرقي مان آهي جنهن کي ڪي نادان وهابي سڏيندا هوندا.

هڪ وڏو عالم هو جنهن وٽان تمام گهڻا شاگرد دستاربندي ڪري ويا آهن. ان عالم سان مون ڪنهن وقت ناسخ منسوخ جي مسئلي بابت گفتگو پئي ڪئي. پڇيومانس تہ قرآن شريف جون ڪهڙيون آيتون منسوخ آهن؟ چيائين تہ ياد ڪو نہ اٿم. مون پڇيس تہ جيڪڏهن توهان جهڙا عالم بہ اها يادگيري نہ رکن تہ پوءِ قرآن شريف پڙهندي ڪيئن هدايت وٺندو تہ هنن آيتن جي حڪمن تي عمل ڪيان ۽ هنن تي عمل نہ ڪيان چو تہ هي منسوخ آهن. ٻيو هڪ عالم جو سندس پاسي ۾ ويٺو هو تنهن ٺڪ جواب ڏنو ( وڏو مولوي صاحب خاموش رهيو) تہ عمل جي واسطي فقہ ڪافي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

آهي، قرآن شريف رڳو ثواب واسطي پڙهجي ٿو. خدا خير ڪري! هي اٿو وڏن وڏن عالمن جا حال! خبر نه آهي ته ثواب جي معنيٰ ڪهڙي ٿا وٺن. ڪيئن به هجي مگر مٿئين جواب مان ثابت ٿي چڪو ته خود عالمن به قرآن مجيد ۽ حديث شريف کي سورهن آنا ڇڏي ڏنو آهي.

فقہ ڪيترو به چڱو هجي ۽ ڪيترو به صحيح هجي ته به اهڙو ڪافي هرگز ٿي نٿو سگهي جو قرآن ۽ حديث جي حاجت ئي ڪانه رهي، ڇو ته فقہ جو بنياد ئي قرآن مجيد ۽ حديث شريف تي آهي. پوءِ جيڪڏهن اصل کي ڇڏي ڏيو ته اسلام صحيح طور سمجهي نه سگهبو. جيئن پاڻي جي تلاءَ کي واه کان جدا ڪري ڇڏيو ۽ نئون نئون پاڻي منجهس نه وجهبو، ته تلاءُ بانس ڪري ويندو، تيئن فقہ کي قرآن ۽ حديث کان جدا ڪرڻ به اها ئي اها حالت بڻي آهي. ٻي ڳالهه هيءَ آهي ته قرآن ۽ حديث ۾ ڪي ڳالهيون اهڙيون به آهن جي فقہ ۾ آهن ئي ڪو نه. ٽئين ڳالهه هيءَ آهي ته قرآن ۽ حديث جي ترتيب ٻي آهي ۽ فقہ جي ترتيب بلڪل ٻي آهي. جو اثر دل ۽ دماغ تي قرآن شريف ۽ حديث پڙهڻ مان پوندو سو فقہ پڙهڻ سان هرگز نه ٿي سگهندو. اهو ئي سبب آهي جو فقہ ڪو ئي ڪو نه ٿو پڙهي. پڙهڻ لاءِ ماڻهو ڪوڙا قصا ۽ ڪوڙا ڪتاب خصوصن اهي جيڪي ولين جي ڪوڙن احوالن ۽ هٿراڌو ٺهيل ڪرامتن بابت لکيل آهن. اُهي ئي ڪتاب ماڻهو پڙهي گمراه ٿين ٿا. مگر قرآن ۽ حديث بلڪل ڪونه ٿا پڙهن. اڙدوءَ ۾ تجريد البخاري لکيل آهي. اهڙو ڪتاب سنڌيءَ ۾ به تيار ڪرڻ گهرجي ته هر ڪو سنڌي دان پڙهي فيض ۽ هدايت حاصل ڪري.(نوٽ: هاڻي مولوي دين محمد صاحب وفائي ڇپارايو آهي پر ڪيس به وهابي سڏيو ويندو آهي).

عالمن تي ڪي ماڻهو اهو به الزام ٿا هڻن ته هو ڄاڻي واڻي قرآن مجيد ۽ حديث شريف جي تبليغ نٿا ڪن، ۽ انهن جو سنڌيءَ ۾ ترجمو نٿا ڪن. هن نيت سان ته جيڪڏهن ماڻهو قرآن ۽ حديث آسانيءَ سان پڙهي سگهندا ته اسان جو وقار ۽ عزت هلي ويندي. ٻيو ته سوال پڇي اسان جو مغز کپائيندا، ٽيون ته اسان جا روزگار جا اُپاءَ بند ٿي ويندا. ڏسجي به ائين پيو ته مولوين، ملن، پيرن، درويشن، مجاورن، تعويذ لکندڙن، سڳو ڌاڳو ٽوٽو ڦيٽو ڪندڙن، فال وجهندڙن ۽ جعفر ۽ رمل جو حساب ڪندڙن جي روزگار جو وسيلو ٿي پيو آهي عام ماڻهن کي هر حيلي سان ڦرڻ. جيڪڏهن ماڻهو جاهل نه هوندا ۽ قرآن ۽ حديث جو علم هوندن ته پوءِ اُنهن سڀني جا اهي روزگار جا وسيلا بند ٿي ويندا. دنيا جا جيڪي به مذهب ٿي گذريا آهن سي سڀ ملان فرقي بگاڙيا. نه رڳو ايترو پر صحيفن ۾ به ڪمي بيشي ڪري ڇڏيائون. اسلام ۾ ملان يا پير فرقو هئو ئي ڪونه. پر پوءِ جِهل وڌڻ ڪري اهي فرقا ٺهيا. ملن به اسلام کي بگاڙڻ موسؤن ڪين گهٽايو آهي، پر خدا جي فضل سان قرآن شريف ۽ صحيح بخاري صحيح سلامت موجود آهن. ماڻهو هاڻي به اُنهن کي پڙهي ملن کان آزادي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ پاڳي پائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

حاصل ڪري سگهن ٿا، جن جي روزگار جو مدار ميتن ڪي وهنجارڻ، ڪفن دفن جو انتظام ڪرڻ، ختمن ڪڍڻ، جماڻا، ۽ ٽڪيون ڪائڻ، قرآن بخشڻ، اسقاط ڪرڻ، نڪاح پڙهڻ، تعويذ لکڻ، فالن وجهڻ وغيره وغيره تي آهي. ڪنهن بزرگ فرمايو آهي تہ اسلام ۾ جيڪي آسانيون آهن سي سڀ الله ۽ الله جي رسول ﷺ جي طرف کان آهن، ۽ جيڪي دشواريون ۽ تڪليفون آهن سي عالمن ٺاهيون آهن. ملان نڪاح ۽ مرده شوئي وغيره بہ نسبت چوندا آهن تہ اهي ڪم بلڪل ڏکيا آهن، سڀ ڪنهن ڪي ڪو نہ اچي سگهندا. حقيقتن اهي ڪم بلڪل سولا آهن. سڀ ڪنهن کي اچڻ گهرجن. ملان فرقي جو ڪو ضرور ئي ڪونهي.

نواب مير صدرالدين حسين خان ٿو فرمائي تہ اسلام ۾ غرض واري جي شاهدي يا فتويٰ يا راءِ قبول ئي ناهي. هاڻي جنهن صورت ۾ متين فرقن جي روزگار جو مدار ئي ماڻهن تي آهي، ۽ روزگار ڪان وڌيڪ تہ پيو ڪو غرض تي ڪونہ ٿو سگهي، تہ درحقيقيت اهڙن غرض وارن ماڻهن ڪان ڪو بہ دين جو مسئلو نہ پڇڻ گهرجي ۽ نہ اُنهن عالمن جي راءِ کي وزن ڏيڻ گهرجي. صرف انهن ئي عالمن جي راءِ کي وزن ڏيڻ گهرجي جن بہ بابت پڪ هجي تہ هنن کي هن مسئلي بابت پنهنجو ڪو غرض ڪونهي.

## عقل، اجتهاد، تقليد، اجماع امت وغيره

حضرت رسول ﷺ فرمايو آهي تہ جا شيءَ الله تعاليٰ پهريائين خلقي سا آهي عقل. ائين بہ فرمايو اٿن تہ ڪو شخص عبادت ڪري ٿو مگر ثواب فقط اوتري قدر ملندس جيتري قدر سمجهہ ڪم آڻيندو. جيڪڏهن سمجهہ ڪم نہ آڻيندو تہ ثواب ڪون ملندس، بلڪ ڪن حالتن ۾ تہ گناهہ ٿيندس. اڄ ڪلهہ ماڻهو گهڻا ديني ڪم بنا سمجهہ جي ٿا ڪن، مثلن نماز، روزا، حج، زڪوات، قرآن شريف پڙهڻ، وظيفا پڙهڻ، صلواتون ڪڍڻ وغيره وغيره. اسان هت فقط صدقہ ۽ خيرات جو مثال پيش ٿا ڪيون. سڀ ڪنهن کي خبر آهي تہ جنهن شخص کي بک لڳي آهي، ڪائڻ لاءِ ڪجهہ ڪونهيس، نڪي اهڙي ڪا شي اٿس جا وڪڻي اٽو وٺي، فقط اُن ڪي ئي پنڻ جائز آهي. چئبو تہ ٻئي ڪي پنڻ جائز نہ آهي، اگرچ هو انڌو، منڊو، جڏو ۽ محتاج هجي. جيڪڏهن اهڙي حالت ۾ پنڻ حرام آهي تہ پنندڙ کي ڏيڻ بہ حرام آهي. مگر اڄ ڪلهہ ڪيترائي سياڻا پڙهيل ماڻهو پنندڙن کي خيرات ڏيندا آهن، مگر يتيمن رنن زالن ۽ پاڙيوارن مسڪينن محتاجن جي خبر ئي ڪانہ لهندا آهن. حضرت رسول ﷺ بابت روايت آهي تہ ڪنهن شخص اچي سوال ڪيو. رسول الله ﷺ هن کي حڪم ڪيو تہ تون وڃي ڪهاڙي ۽ رسو وٺي اچ. جڏهن وٺي آيو تڏهن چيائينس تہ هاڻي جهنگ مان ڪاٺيون وڍي وڃي وڪڻ. هڪڙو پينو حضرت عمر رضي الله عنه وٽ آيو، ۽ اچي سوال


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ پاڳي پائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

ڪيائين. حضرت عمر ڏنو ته پاسي ۾ ڳوٿري اٿس، جا اَن سان پري پئي اٿس. پوءِ اُهو اَن قري بيت المال ۾ رکيائين ۽ ٿورو اَن هڪ ويلي لاءِ خيرات ڏنائينس. قرآن شريف ۾ سورت والضحيٰ ۾ هڪ آيت آهي ته ”وَ اَمَّا السَّآئِلَ فَلَا تَنۡهَرۡ ۝“ يعنيٰ جيڪڏهن ڪو سائل هجي ته پوءِ اُن کي جهڙڪ نه. انهيءَ سورت کي غور سان پڙهي ڏسبو ته معلوم ٿيندو ته هت سائل جي معنيٰ پنندڙ نه آهي، پر مسئلو پڇندڙ آهي. ازانسواءِ فلا تنهر جي معنيٰ اها ناهي ته اُن کي خيرات ڏي. بيون حديثون اهڙيون آهن جن مان معلوم ٿو ٿئي ته سائل کي ڏيو، پوءِ اگرچ اڏ ڪارڪ ئي هجي. مگر مٿئين بيان مان معلوم ٿيندو ته اسان کي عقل ڪم آڻڻ گهرجي ۽ تحقيق ڪرڻ گهرجي ته برابر سائل کي گهرج آهي ۽ لاچاري موقعو اٿس يا رڳو پنڻ جو ڌنڌو ڪٽي اختيار ڪيو اٿس. در حقيقت پنندڙن کي گرفتار ڪري جيل ۾ خوب ڪمارائجي ته آئيندي لاءِ سستي ڇڏي ڪم کي وٺن. رڳو انڌن، منڊن، گونگن، ٻوڙن ۽ جڏن کي به پنهنجي لياقت آهر ڪو نه ڪو ڪم ڪرڻ ضرور گهرجي. پوءِ جيڪڏهن پنهن جي گذران جيترو نه ڪمائي سگهن ته پاڙيوارن تي فرض آهي ته گهرج واري ويلي تي هنن کي بنا سوال جي ايترو ڏين جو اُن وقت ڪائي ڏُو ڪن. هن حالت ۾ پنڻ جو رواج بلڪل نڪري ويندو. ائين ڪونه ٿيندو جو هڪڙا رات ڏينهن پورهيو ڪري مس ڪجھ ڪمائين، ته ٻيا مفت خور پينو اچي اُنهن جي ڪمائيءَ جو حصو ڪٽي وڃن. جتي پينو گهٽا آهن اتي ماٺهو ڪنگال ٿا رهن. تنهنڪري اسان کي گهرجي ته پنندڙن کي ڪجھ به نه ڏيون، بلڪ اُنهن کي شرمايون ته چو ٿا حرام جو ڪم ڪيو. پنندڙن کي ڏيڻ سندن لاءِ نقصان ڪرڻو آهي، ۽ نه ڏيڻ سندن لاءِ چڱائي آهي. چو ته ڪين نه ڏبو ته انهيءَ رذيل ڪم ڪان ڇٽي پوندا، يعني ڪنهن نه ڪنهن ڌنڌي کي لڳندا. حلال جو پورهيو ڪرڻ شرافت آهي. ارمان جي ڳالھ آهي جو اسان جا سيد پنجن تنن جي اولاد پنڻ جي رذيل ڪم کي لڳا آهن. ڪين اها به خبر ڪانهي ته حضرت جن ﷺ ۽ حضرت رضي الله عنه ڪمائي گذران ڪندا هئا، ۽ ڪنهن به ڪم ڪان عار نه ڪندا هئا.

بهتر صدقو ۽ خيرات اُها آهي جنهن مان قوم جي ترقي ٿئي، مثلن ڪنهن محنتي مسڪين کي جوڙو ڏاندن جو وني ڏيڻ ته هو پنهنجي ڌنڌي ۾ ترقي ڪري. طالب علمن ۽ معلمن جي مدد ڪرڻ، ڌنڌا ۽ ڪارخانا جاري ڪرڻ، اسڪول ۽ مدرسه کولڻ، خيراتي اسپتالون قائم ڪرڻ وغيره وغيره. مگر افسوس ته اڄ ڪلھ ڪوبه زڪوات ۽ صدقي جو انتظام ڪونهي. خيرات وارا پيسا قوم جي ترقي ته ڪانه ٿا ڪن، اٿلندو نقصان ٿا ڪن، جو مفت خورن جو تعداد ٿو وڌي. نه رڳو ايترو پر ڪن حالتن ۾ خيرات جا پيسا زنا، نشي، جوا ۽ ٻين بد ڪمن ۾ لڳايا ٿا وڃن. افسوس آهي اسان جي عقل تي!

مٿي عقل جو شان ۽ ضرورت ڏيکاري وئي. قرآن شريف ۾ بار بار فرمايل آهي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ته عقل کم آڻيو، سوچيو، ويچار ڪيو، ۽ خدا تعاليٰ جي قدرت تي غور ڪيو. ڪافرن بابت چيو ويو آهي ته جاهل آهن نتا ڄاڻن وغيره وغيره. مگر اڄوڪا عالم چون ٿا ته عقل کي پيتيءَ ۾ بند ڪري ڪلف هڻي ڇڏيوس. ڀلا عقل ڪا شي هجي ته بند ٿي سگهي. عقل اسان کي الله تعاليٰ ڏنو آهي. نه رڳو ڏنو آهي، پر حڪم ڪيو اٿس ته عقل کان ڪم وٺو. پر جي حڪم نه ڪري ها ته به عقل کان ڪم نه وٺجي ها ته بي عقلائي کان ڪم وٺجي ها ڇا؟ جيڪڏهن ڪو ماڻهو مون کي ڪا ڳالهه چوي ۽ اها منهنجي عقل موجب غلط نظر اچي ته مان ڪيئن قبول ڪري سگهندس، جيستائين اُهو ماڻهو مون کي پنهنجي عقل موجب سمجهائي نه سگهندو. عقل فقط هڪڙو ڪم ڪري نٿو سگهي سو آهي سچو دين يا مذهب ڏاهڻ. سچو دين يا مذهب فقط اُهو سيڪاري سگهي ٿو جنهن دنيا خلقي آهي. مگر دين کي سمجهڻ لاءِ ڪوڙن مذهبن کي ڇڏي سچي مذهب اختيار ڪرڻ لاءِ عقل جي ضرورت آهي. قرآن شريف ۾ بار بار ڪافرن کي چيو ويو آهي ته سمجهه کي ڪم آڻي ڏسو ته هي اسلام سچو آهي يا اوهان جي ابن ڏاڏن وارو دين سچو آهي. عقل ته فقط سچي دين جي تلاش ڪري اُن کي اختيار ڪرڻ لاءِ ڪم ٿو اچي پر ان دين جي تعليمات سمجهڻ لاءِ به ڪم ٿو اچي! عقل نه هوندو ته هر هڪ قول جي اُبتي معنيٰ ڪڍبي. ازانسواءِ عقل هن لاءِ به ڪم ٿو اچي ته ڪيئن ان دين جي تعليمات تي عمل ڪجي جيئن متي ڀڻڻ جي مسئلي تي بحث ڪيو ويو آهي. چئبو ته عقل ٽن ضروري ڳالهين لاءِ ڪم ٿو اچي. (1) سچو دين اختيار ڪرڻ لاءِ (2) اُن جي تعليمات سمجهڻ لاءِ (3) اُن جي تعليمات تي چڱي طرح عمل ڪرڻ لاءِ.

مان وري به چٽائيءَ سان ٿو چوان ته عقل فقط هڪڙي ڳالهه لاءِ ڪم نه ٿو اچي سو آهي نئون يا پنهنجو مذهب ڏاهڻ يا پنهنجون تعليمات بنائڻ لاءِ هڪڙو تاريخي مثال ان لاءِ بلڪل ڪافي دليل آهي! اڪبر بادشاه عقل ۾ لاثاني هو. ايتري قدر جو دنياوي معاملن ۾ سڀ ڪنهن کي حيران ڪري ڇڏيندو هو. پاڻ اڃا ننڍيءَ وهيءَ ۾ هوندو هو ته به جنگ جي فن ۾ پوڙهن تجربي ڪار جرنيلن کان به وڌيڪ سياڻپ ڏيکاريندو هو. جيڪڏهن ڪنهن جنگ لاءِ پنهنجا سپه سالار موڪليندو هو، ۽ انهن کي جنگ هلندي پڪ ٿيندي هئي ته هاڻي ضرور شڪست ايندي ته اڪبر بادشاه ڏي گهوڙي سوار کي پڄائيندا هئا. اڪبر بادشاه هڪدم اُڏامي ايندو هو ۽ هڪ منٽ ۾ وڙهندڙ لشڪرن کي نظر مان ڪڍي سپه سالارن کي هدايتون ڏيئي واپس هليو ويندو، ۽ سندس سپه سالار انهن هدايتن تي عمل ڪري جنگ کٽي ويندا هئا. اهڙي طرح ٻين دنيا ئي ڪمن ۾ به لاثاني عقل ڏيکاريندو هو. مگر هن کي ننڍي هوندي کان اسلامي تعليم ڪانه ملي هئي.

ننڍيءَ ئي وهيءَ ۾ هن جو تعلق مختلف مذهبن جي ماڻهن سان رهيو، جن سان


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

گفتگو ڪندي سندس عقل واري دماغ کي تسلي حاصل ڪانہ ٿي، چو تہ ان وقت جا خود مسلمان عالم بہ گهڻي قدر گمراه هئا، جيئن اسان مٿي ڏيکاري آيا آهيون. تنهن ڪري اڪبر خيال ڪيو تہ سيني جون ڳالهيون ٻڌي پنهنجو دين ناهيان. اڪبر اگرچ عاقل حشمت وارو بادشاه هو تہ بہ سندس حياتي جي ڏينهن ۾ فقط ڪن ٿورڙن خوشامدي درٻارين سندس دين قبول ڪيو سي بہ سندس مرڻ کان پوءِ ڦري ويا. خود پاڻ بہ مرڻ وقت ڪلمون شريف پڙهي وصيت ڪيائين تہ مون کي اسلام جي رسمن موجب غسل وغيره ڏجو، چو تہ مان مسلمان آهيان. هن تاريخي واقعي مان معلوم ٿيندو تہ دين سيکارڻ فقط الله تعالیٰ جو ڪم آهي ۽ انسان جو فرض فقط هي آهي تہ اُن کي سمجهي ۽ سمجهہ سان اُن تي عمل ڪري.

هاڻي اُنهن سوالن تي ٿا اچون جي تمام نازڪ آهن ۽ جن بابت گهڻو اختلاف آهي. اُهي آهن تقليد ۽ اجماع اُمت. عوام الناس کي تہ ضرور پنهنجي پيشوائن يا رهبرن جي تقليد ڪرڻي آهي، ۽ اجماع اُمت تي هلڻو آهي، خصوصن انهن قاعدن قانونن وغيره ۾ جن جو تعلق سوسائٽي يا ملڪي معاملن يا ٻين ماڻهن جي حق سان آهي، بلڪ عالمن کي بہ ضرور اهڙن قانونن جي پابندي ڪرڻي آهي. مگر عقيدن يا ذاتي عملن بابت عالمن کي حق آهي تہ پنهنجي سمجهہ ڪم آڻين، ۽ جيڪڏهن سندن سمجهہ غلط هجي تہ وڏيڪ قابل عالمن جو فرض آهي تہ هنن کي عقلي نقلي دليل ڏيئي سمجهائين، مگر محبت ۽ ميناج سان، نہ گهٽ وڌ ڳالهائڻ سان. گهٽ وڌ يا شوخي سان ڳالهائڻ ڪري اُٽلندو اُبتڙ نتيجو نڪرندو، يعني هن کي پڪ ٿيندي تہ مان حق تي آهيان. اڄ ڪلهہ گهڻا بيوقوف ماڻهو ٻين کي مڃائڻ لاءِ زبردستي ڪم آڻيندا آهن، زبردستيءَ سان تہ ڪٽي ماڻهو مڃي وٺندو، ۽ موچڙن جي ڊپ کان منافقي طور چوندو تہ برابر ائين آهي پر اندر ۾ تہ اهو ئي عقيدو رهندو جو اڳي هوس. پوءِ اهڙي زبردستي جنهن مان منافقي پيدا ٿئي، تنهن مان فائدو تہ ڪونہ ٿيو، پر اُٽلندو نقصان ٿيو. جرمني ۾ هڪڙو مشهور سائنس دان گئليليو تي گذريو آهي جنهن ڦرياڻين ڦرياڻين دوربيني جو اوزار ٺاهيو. ان راءِ قائم ڪئي تہ ڌرتي گول آهي. ڪرستان پادرين ڪيس چيو تہ تون دين کان ٿو ڦرين چو تہ بائبل ۾ ائين لکيل ڪونهي. هو تڏهن بہ نہ مڙيو. پادرين هن کي جيل ۾ وجهايو، تہ بہ هو نہ مڙيو. جيڪڏهن منافق ٿئي ها تہ سچي دنيا لاءِ نقصان ٿئي ها، مگر همت ۽ جرات ۽ صبر سان تڪليفن سهڻ مان اهو نتيجو نڪتو، جو سيني ماڻهن کي ان مسئلي تي غور ڪرڻ جو شوق ٿيو. آخر سچي دنيا قبول ٿي ڪري تہ ڌرتي برابر گول آهي.

ان حقيقت تي پهچڻ ڪري جيڪي بي شمار فائدا نڪتا آهن تن جو هتي بيان ڪرڻ جو ضرور ناهي. مگر شرعي قانون، جن جو فيصلو قاضيءَ کي ڪرڻو آهي تن جي پابندي سڀ ڪنهن کي ڪرڻي آهي، بادشاه هجي توڙي گدا، جاهل هجي توڙي سيني کان وڏو علامہ هجي. اگرچہ انهيءَ علامہ کي پڪ هجي تہ اهو قانون غلط آهي تہ


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

بہ ڪيس ان جي پابندي ڪرڻي آهي. جيڪڏهن پابندي نہ ڪندو تہ شرعي سزا صبر ۽ تحمل سان پوڳي، بلڪ هن جي اها بهادري چئبي، جيڪڏهن چوي تہ قاضي صاحب مان ڄاڻان ٿو تہ انهيءَ قانون تي اُمت جو اجماع آهي، تنهن ڪري توهان کي ضرور انصاف ڪري مون کي سزا ڏيڻي آهي ۽ مان صبر سان سزا ڀوڳڻ لاءِ تيار آهيان. مون عقلي ۽ نقلي دليلن سان انهيءَ قانون جي ترديد ڪئي آهي. مگر اجا منهنجو خيال قبوليت هيٺ نہ آيو آهي، ۽ قانون رد نہ ٿيو آهي، تنهن ڪري مان ڄاڻي واڻي انهيءَ قانون جي عملي انحرافي ڪري سزا ڀوڳڻ لاءِ تيار ٿو ٿيان، تہ من پوءِ امت ان تي ويچار ڪري ان قانون کي مون وانگر غلط سمجهي، ۽ رد ڪري ڇڏي. اهڙا ماڻهو آفرين جا لائق آهن، نہ ڌڪار جا، جيئن عام طرح سمجهيو ويندو آهي. هر ڪنهن انسان کي حق آهي پنهنجي ضمير تي هلڻ جو. ڌڪار جا لائق اُهي آهن جيڪي پنهنجي دنياوي غرضن لاءِ منافقي ڪن يا ڪليو ڪلايو لڇايون ڪن. مگر جيڪو اخلاص ۽ سچائي سان اختلاف ڪري سو تحسين جي لائق آهي، اگرچہ هو غلط هجي. هن جي دماغي گهٽتائي تي افسوس ڪجي نہ ڌڪار. مگر هن جي جرات ۽ همت ۽ اخلاص تي آفرين چئجي. اختلافن تي غور ڪرڻ ۽ فتويٰ ڏيڻ لاءِ هر سال زبردست عالمن جي ڪانفرنس ٿيڻ گهرجي.

جيڪو بہ پاڻ کي مسلمان ٿو سڏائي تنهن کي قرآن شريف جي هر هڪ ڳالهہ مڃڻي آهي ۽ سچي سمجهڻي آهي، نہ تہ هو مسلمان ئي ناهي. پر ڪن آيتن جي معنيٰ ۽ مطلب ڪڍڻ ۾ اختلاف ٿي سگهن ٿا. اسان متي اُهي اصول ڏنا آهن. جن موجب قرآن شريف جو تفسير ڪرڻ گهرجي. پوءِ بہ ضرور اختلاف رهندا. پر اهي اختلاف گهڻو ڪري فروعي مسئلن بابت رهندا. اگرچہ مکيہ مسئلن ۾ اختلاف ٿين تہ بہ نڪي جهيڙو ۽ فساد ڪجي، نڪي گهٽ وڌ ڳالهائجي، نڪي نفرت جهڙا نالا رکجن، مثلن ڪافر يا وهابي يا گمراهہ جهڙا لفظ ڪم نہ آڻجن. هي تہ مسلمان آهن مگر مشرڪن ۽ ڪافرن کي بہ گهٽ وڌ ڳالهائڻ يا ڪين نفرت سان ڏسڻ جائز ناهي، بلڪ انهن کي اسلام ڏي ڪشش ئي تڏهن ٿيندي جڏهن هنن سان چڱو برتاءُ ڪبو، ۽ وٽندڙ نموني سان پيش اچبو. ٻيو نمبر وزن ڏيڻو آهي رسول الله ﷺ جي قول ۽ فعل کي. جيڪي پاڻ مذهب جي باري ۾ فرمايو يا ڪيو اٿن ۽ اهي حديثون جيڪڏهن روايت ۽ درايت جي اصولن موجب معتبر آهن تہ پوءِ انهن کي بہ ضرور مڃڻو آهي.

ٽيون نمبر وزن ڏيڻو آهي مشهور اصحابن جي عام قول ۽ فعل کي، خصوصن انهن اصحابن جي قول فعل کي جيڪي گهڻو وقت رسول الله ﷺ جي ڪچهري ۾ حاضر رهيا. پر شرط اهو آهي تہ اُهي قول ۽ فعل روايت ۽ درايت جي اُصولن موجب معتبر هجن ۽ قرآن شريف جي تعليمات يا رسول الله ﷺ جي معتبر قول ۽ فعل جي مخالف نہ هجن. نڪي وري اهڙا هجن جو ظاهر ظهور عقل جي مخالف هجن. اڪثر


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڪري ملان ۽ مولوي پنهنجي ڪن عملن جي تائيد ۾ ڪنهن نه ڪنهن اصحابي يا تابعي يا تبع تابعي جو قول يا فعل بيان ڪندا آهن. مثلن چوندا آهن ته اسان جيڪڏهن پيسا وٺي قرآن شريف جو ختمون ڪڍيو ۽ ثواب اهل ميت کي بخشيو ته انهيءَ ۾ ڪهڙو گناهه آهي. فلاڻي اصحابي يا تابعي به ائين ڪيو هو. هاڻي اسان کي ڏسڻو آهي ته اصحابين ۽ تابعين جي زماني ۾ اهو فعل عمومن ڪيو ويندو هو يا جي نه ڪيو ويندو هو ته هروڀرو ڪنهن هڪڙي ماڻهو ڪنهن خاص حالت ۾ اهڙو فعل ڪيو ته اهو سند ڪري هرگز نه وٺبو. اصحابي ۽ تابعي سڀ ته عالم ڪو نه هئا. ازانسواءِ روزمره ڏسبو آهي ته ساڳي ڳالهه ٻن ماڻهن جي زبان مان نڪرندي آهي ته مطلب ئي ڦري ويندو آهي. رواجي نياپو ڪنهن چڱي پڙهيل ماڻهو هٿ موڪلبو آهي ته به ڪيترائي ڦيرا غلط پهچندو آهي. پر جيڪڏهن هڪڙو ماڻهو ٻئي کي ٻيو ٽئين کي، ساڳي ڳالهه ٻڌائيندو آهي ته ڳالهه مان ڳالهوڙو ٿي پوندو آهي.

هڪ آکاڻي آهي ته ڪنهن شخص ٻئي سان ڳالهه ڪئي ته فلاڻي کي اُلٽيءَ ۾ ٽي ڪارا ڪانوَ نڪتا. اُن ماڻهوءَ پڇيس ته اها ڳالهه ڪنهن کان ٻڌيئي. جواب ڏنائين ته فلاڻي کان. هو هلي ويو اُنهيءَ وٽ. اُنهي چيس ته مون برابر اها ڳالهه ڪئي هئي، پر ٽي ڪانوَ نه چيا هيم، ٻه چيا هيم. پوءِ پڇيائينس ته تو ڪنهن کان ٻڌي، چي فلاڻي کان. هو هلي ويو اُنهيءَ وٽ. اُنهي چيو ته مون هڪڙو ڪانو چيو هو نه ٻه. پڇيائينس ته تو ڪنهن کان ٻڌي، چي فلاڻي کان. جڏهن اُنهي کان وڃي پڇيائين، تڏهن چيائين ته مون برابر اها ڳالهه ڪئي هئي، پر مون چيو هو ته اُلٽي اهڙي ڪاري هئي جهڙو ڪارو ڪانءُ. هاڻي قياس ڪري ڏسو ته جڏهن روزمره اهڙي حالت ٿي ڏسجي تڏهن ڪيئن اهڙي تابعي يا اصحابي جي قول يا فعل کي سند ڪري وٺجي جو مشهور عالم يا مجتهد به نه هجي يا رسول الله ﷺ جي صحبت به ڪو ٿورو وقت ڪئي هجيس ۽ سندس انهيءَ قول يا فعل جي تائيد عام طرح اصحابين يا تابعين ۾ به نه ليي.

ڏنو ويو آهي ته ڪن مذهبي مسئلن ۾ خود اصحاب سڳورن جا پاڻ ۾ به اختلاف آهن. اهڙيءَ طرح قرآن مجيد جا اوائلي تفسير بيشڪ بلڪل چڱا آهن ۽ اُهي ضرور پڙهڻ گهرجن مگر اُنهن ۾ به ڪجهه ڪجهه اختلاف آهن. مگر اختلاف اڪثر ڪري فروعي ڳالهين ۾ آهن. مکيه ڳالهين ۾ اختلاف ڪينهن. ياد رکڻ گهرجي ته اسلام جي تعليمات جو مکيه پاڳو اُهو آهي جنهن جو تعلق عملن سان آهي. ان پاڳي بابت به قرآن شريف جي آيتن جو تفسير بلڪل آساني سان ڪري سگهجي ٿو، سو هن طرح ته حديثن مان ڏسڻ گهرجي ته رسول الله ﷺ جو قول ۽ فعل ۽ اصحابن سڳورن جا قول ۽ فعل ان بابت ڪهڙا هئا. پوءِ جيڪو اُنهن عمل ڪيو سو ئي ان آيت جو تفسير سمجهڻ گهرجي. مثلن قرآن شريف ۾ ذڪر ڪرڻ جو حڪم آهي. ذڪر ڪيئن ڪجي تنهن بابت به حديثن مان ڏسجي ته رسول الله ﷺ ۽ اصحاب سڳورا ڪيئن ذڪر ڪندا هئا. زالن جي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

پرده بابت اختلاف آهي ڪي چون ٿا منهن ۽ هٿن ۽ پيرن ڍڪڻ جو حڪم ڪونهي. ڪي چون ٿا ته آهي. اسان ڪي هن طرح فيصلو ڪرڻ گهرجي ته رسول اللهﷺ جا اهل بيت ۽ اصحابن سڀورن جون عورتون ٻاهر نڪرنديون هيون ته منهن ڍڪينديون هيون يا نه. مگر هن قسم جا اختلاف ته معراج جسماني هو يا روحاني حضرت عيسيٰؑ جيئرو آسمان تي چڙهي ويو يا نه. انهن مسئلن جو اسان جي عملن سان ڪو تعلق ڪونهي. تنهن ڪري اهي اهڙا ضروري نه آهن.

هاڻي اچون ٿا فقه تي. فقه جي امامن پنهنجي علميت ۽ قابليت ۽ استنباط جي قوت سان مسلمانن جي هدايت ۽ عمل لاءِ فقه جا مسئله مرتب ڪيا. هنن اسلام جي بيشڪ وڏي خدمت ڪئي. فقه ۾ شرعي قانون آهن. گويا فقه جا امام قانون ساز ۽ قاضي آهن. فقه جو مدار قرآن شريف، حديثن ۽ قياس تي آهي. ياد رکڻ گهرجي ته فقه جي امامن جو مرتبو ڪيڏو به عاليشان هجي، ته به هو پيغمبر نه آهن. جنهن ڪري هنن جو هر هڪ قول وحي جي برابر يا پيغمبرن جي قولن جي برابر سمجهڻ نه گهرجي. جيڪڏهن هو ڪامل هجن ها ته پاڻ ۾ ئي ايترو اختلاف نه هجين ها. امام جعفر صادق، امام اعظم، امام مالڪ، امام شافعي ۽ امام احمد بن حنبل (رحهم الله) جي وچ ۾ ڪيترائي اختلاف آهن. اگرچه اُنهن مان گهڻا اختلاف فروعي آهن، يعني تمام ننڍين ننڍين ڳالهين تي آهن. هڪڙي امام جي ڪنهن فتويٰ تي هلجي ته ڪا وڏي حرڪت ڪانهي. پر اختلافن مان ايتري ڳالهه ته سورهن آنا ثابت آهي ته امام سڀورا اهڙا ڪامل نه هئا جو انهن جو هر هڪ قول وحي وانگر صحيح ۽ سچو هجي. تاريخ مان ثابت آهي ته ڪن امامن حديثن ڪان تمام ٿورو ڪم ورتو ته ڪن وري تمام گهڻو. امام بخاري جنهن تمام گهڻي جفاڪشي ڪري صحيح حديثون قلم بند ڪيون سو هنن امامن کان پوءِ پيدا ٿيو. جيڪڏهن اڳي پيدا ٿئي ها، ته هنن امامن جي فقه تي سندس صحيح بخاري جو گهڻو چڱو اثر پوي ها. ٻي ڳالهه هيءَ آهي ته فقه جو مدار نه رڳو قرآن شريف ۽ حديثن تي آهي، پر امامن جي راءِ ۽ قياس تي به. ازانسواءِ فقه ۾ اهڙيون ڳالهيون به اچي ٿيون وڃن جن جو ذڪر قرآن شريف ۽ حديثن ۾ بلڪل ڪونهي. قرآن شريف ۽ رسول الله ﷺ جا مذهبي احڪام سيني ملڪن ۽ سيني وقتن لاءِ آهن. پر امامن جي نظر الله تعاليٰ جي نظر وانگر سيني ملڪن ۽ ايندڙ وقتن تي ڪانه پئجي سگهي هوندي. جيڪي حڪم هنن پنهنجي راءِ، قياس ۽ استنباط جي قوت سان ڏنا سي گهڻي قدر سندن ملڪ ۽ سندن وقت لاءِ وڌيڪ موزون هئا. اگرچه ٻين ملڪن ۽ ٻين وقتن لاءِ به تمام گهڻي رهنمائي ڪري سگهن ٿا. نه رڳو ايترو پر خود پنهنجي ملڪ ۽ سندن وقت لاءِ به هرويرو سندن سڀ حڪم صحيح ڪو نه هئا. جيئن اڳيئي سمجهايو ويو آهي ته هو انسان هئا ۽ نه پيغمبر، ۽ ائين پڻ ٻڌايو ويو آهي ته هنن جا پاڻ ۾ ئي اختلاف هئا.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

خاص طرح امام اعظم ابوحنيفہ ﷺ جو مثال پيش تا ڪيون. ڪنهن بزرگ پنهنجي ڪتاب ۾ لکيو آهي تہ امام اعظم سڳورو امام بخاري ﷺ کان اڳي ٿي گذريو آهي. تنهن ڪري سندس فقہ کي صحيح بخاريءَ کان وڌيڪ وزن ڏيڻو آهي. جيڪڏهن ڪٿي اها ڳالهہ قبول بہ ڪجي تہ بہ چئبو تہ اهو بزرگ ايترو تہ قبول ڪري چڪو تہ صحيح بخاري ۽ حنفي فقہ جي وچ ۾ اختلاف آهن. پوءِ جن حالتن ۾ اختلاف آهن تن ۾ چئبو تہ صحيح بخاري واريون حديثون غير معتبر آهن. پر اها ڳالهہ بہ اهو بزرگ هرگز قبول نہ ڪندو، چو تہ ان ساڳئي ئي ڪتاب ۾ صحيح بخاري جي صحت جي بہ شاهدي ٿو ڏئي. وڌيڪ عجب جي ڳالهہ هيءَ آهي تہ اها ڳالهہ بلڪل وساري ٿو ڇڏي تہ حنفي فقہ هوبهو امام اعظم سڳوري جو ٺاهيل هرگز نہ آهي. جيڪڏهن اهو حنفي فقہ لفظ بہ لفظ امام اعظم جو هجي ها ۽ اها بہ خاطري هجي ها تہ امام صاحب امام بخاري جيتري يا وڌيڪ جفاڪشيءَ سان حديثون سکيون ۽ روايت ۽ درايت جي اصولن موجب ڪوڙيون ڦٽي ڪري سچيون اختيار ڪيائين تہ پوءِ بيشڪ حنفي فقہ کي صحيح بخاري کان وڌيڪ وزن ڏيڻو آهي. مگر خود امام اعظم سڳوري پاڻ فرمايو آهي تہ جيڪڏهن منهنجي ڪنهن بہ فتويٰ جي خلاف ڪا صحيح حديث توهان کي ملي تہ پوءِ ان حديث کي سچو سمجهو، نہ کي منهن جي فتويٰ کي. امام صاحب ۽ سندس شاگردن کي اهل الراءِ و القياس ڪوٺيو ويندو هو، ۽ هو پاڻ کي بہ ائين سڏيندا هئا. امام صاحب کي استنباط جي طاقت اهڙي تکي هئي جو هو گهڻو ڪري سڀ حڪم ۽ فيصلا خود قرآن شريف مان ڪڍندو هو، رائٽ آنربل امير علي لکي ٿو تہ: امام صاحب سير و سفر تمام ٿورو ڪيو جنهن ڪري حديثون بلڪل ٿوريون سکيائين ۽ انهن مان بہ گهڻين کي رد ڪيائين. مگر مولانا شبلي لکي ٿو تہ حديثون بلڪل گهڻيون سکيائين، مگر رد فقط اُهي ڪيائين جي ڪيس قرآن شريف يا اسلامي تعليمات جي اسپرٽ موافق ڏسڻ ۾ نہ آيون، والله اعلم باالصواب. پر مولانا شبلي لکي ٿو تہ امام اعظم سڳوري جي ڪا بہ تصنيف موجود ڪانهي. هو فقط زباني تعليم ۽ تدريس ڏيندو هو. ڪجهہ وقت پوءِ سندس شاگردن ابو يوسف ۽ محمد سندس فتوائن ۽ فيصلن کي مرتب ڪري فقہ ٺاهيو، ۽ خود انهن شاگردن بہ ڪن مسئلن ۾ ساڻس اختلاف ڪيو. ازان بعد امام احمد بن حنبل جون تعليمات بہ حنفي فقہ ۾ گڏجي ويون. نہ رڳو ايترو پر پائنجي ٿو تہ پوءِ بہ وقت بوقت حنفي فقہ ۾ ڪمي بيشي ۽ تبديلي ٿيندي آئي آهي. اهڙي حالت ۾ ڪيئن چئي سگهبو تہ هاڻوڪي حنفي فقہ کي صحيح بخاري کان وڌيڪ وزن ڏيڻ گهرجي چو تہ امام صاحب امام بخاري کان اڳي ٿي گذريو آهي.

پراڻن خيالن وارا بزرگ فرمائين ٿا تہ اڳي اختلاف برابر هئا، پر پوءِ تحقيقات ۽ اجتهاد ڪرڻ سان اختلاف مٽبا ويا ۽ آخر حنفي فرقہ وارن جو انهي فقہ تي اتفاق ٿي ويو



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

جو هاٽوڪي صورت ۾ موجود آهي. چئبو تہ اسان اوائلي مسلمانن کان وڌيڪ نصيب وارا آهيون جو سندن ڏينهن ۾ اختلافن جي ڪري ڪين صحيح تعليم ۽ هدايت ڪانہ ملي سگهي، ۽ اسان وٽ ڪامل صحيح تعليم موجود آهي. اهو نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو تہ اوائلي مسلمان اتفاق ڪري ڪونہ سگهيا، مگر آفرين آهي پوين جي عقل تي جن اڳوٽن جون غلطيون درست ڪري اتفاق قائم ڪيو. الحمد الله حيرت جهڙي ڳالهہ اها بہ آهي جو بعضي اهي بزرگ قبول بہ ڪندا آهن تہ اسلام جا اوائلي عالم پوين عالمن کان وڌيڪ قابل ۽ معتبر ۽ نيڪ هئا، تہ بہ هو وزن فقط پوين ڪي ڏيندا آهن. نہ اڳين کي. اهي پراڻن خيالن وارا بزرگ رڳو ايتري تي اڪتفا نہ ٿا ڪن تہ حنفي فقہ سورهن آنا صحيح آهي، پر ايئن بہ ٿا چون تہ جي عالم يا مجتهد ٻيا ڪتاب لکندا آيا آهن يا فتوائون ڏيندا آيا آهن، سي بہ سورهن آنا سچا آهن ۽ انهن کي مڃڻ ضروري آهي ڇو تہ انهن تي امت جو اجماع رهيو آهي. جيڪو امت جو اجماع کي نہ مڃيندو سو ڪم از ڪم فاسق آهي. انهن بزرگن کي ايترو علم بہ ناهي جو سمجهي سگهن تہ اهي ڪتاب ۽ اهي فتوائون قرآن شريف ۽ صحيح حديثون ۽ خود فقہ شريف سان موافق آهن يا نہ. ٻيا ڪوڙا واهيات ڪتاب ڇڏي نورنامي ۽ دعا گنج العرش ۽ دلائل الخيرات جو مثال وٺو. نورنامو سيني مڪتبن ۾ پڙهائڻ ۾ اچي ويو، تنهن ڪري چئبو تہ اُن تي اُمت جو اجماع آهي. نورنامہ جي پڇاڙي ۾ لکيل آهي تہ جيڪو هن کي نہ مڃيندو سو ڪافر آهي. دعا گنج العرش جي اسناد ۾ ٻين واهيات ڳالهين سان گڏ هي بہ لکيل آهي تہ هن دعا کي هڪ ڀيرو پڙهڻ قرآن شريف کي هزار ڀيرا پڙهڻ کان بهتر آهي، ۽ لکيل آهي تہ هي دعا حضرت جبرئيل الله تعاليٰ وٽان رسول الله ﷺ وٽ آندي. اهو سفيد ڪوڙ آهي. اها دعا الله تعاليٰ جي پاڪ ڪلام قرآن شريف کان ڪيئن بهتر ٿي سگهي ٿي، سو سڀ ڪو ئي ذي فهم سمجهي سگهندو. مگر پراڻن خيالن جي عالمن کي اهي اسنادون بہ پسند آهن. انهن اسنادن جي پڇاڙي ۾ بہ لکيل آهي تہ جيڪو نہ مڃيندو سو ڪافر آهي. هڪڙي مولوي صاحب کان مون پڇيو تہ مان نورنامہ ڪوڙو ٿو سمجهان ۽ دعا گنج العرش ۽ دلائل الخيرات جون اسنادون بہ ڪوڙيون ٿو سمجهان. پوءِ مان ڪافر آهيان يا نہ؟ پاڻ فرمايائين تہ ڇو ٿا اهڙي زوراوري ڪريو. جيڪڏهن مون سان ادب جو تعلق نہ هجيس ها تہ ٺڪ چئي ڏئي ها: هائو تون ڪافر آهين مگر سندس مهرباني چئبي جو سهٽن لفظن ۾ چيائين تہ هائو ڪافر آهيو.

## سڄي ڪتاب جو خلاصو

تواريخ جو علم ترقي لاءِ نهايت ضروري آهي. خصوصن اسلام جي تاريخن کي ضرور پڙهڻ گهرجي.

ڪنهن بہ زبردست عالم کي گهرجي تہ قرآن شريف جي سيني تفسيرن تي



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

تبصرو ۽ ريويو ڪري ۽ پڻ اوائلي زماني کان وٺي اڄ تائين اسلامي عقيدن، خيالن ۽ رسمن ۾ تبديلين ٿيڻ جي هسٽري تيار ڪري.

ظاهر آهي ته مسلمان جيئن پوءِ تيئن بگڙندا ويا آهن ۽ سندن عقيدا، خيال، رسمون وغيره اصحابن سڳورن واري زماني کان گهڻو مختلف ٿي ويا آهن. عقل دين سمجهڻ لاءِ، ان تي عمل ڪرڻ ۽ ٻين کي دين سيکارڻ لاءِ نهايت ضروري آهي.

اجتهاد جو دروازو نڪو ڪڏهن بند ٿيو آهي نڪي ٿيندو. تقليد ڪرڻ ۽ اجماع امت تي هلڻ ضروري آهي، پر ڪن شرطن سان. هڪ ضروري شرط هي آهي ته هر سال وڏن عالمن جي ڪانفرنس ٿيڻ گهرجي، نه ته جاهلن جا خيال ۽ ڪتاب به رواج ۾ اچي ٿا وڃن. پوءِ اُنهن کي اجماع امت سمجهيو ٿو وڃي.

اسلام اهو مذهب آهي جو ڪامل عقل تي مبني آهي، ۽ اُن تي عمل ڪرڻ ئي اسان جي بهبوديءَ ۽ ترقي جو مدار آهي.

دنيا ۾ گناهن کان بچڻ ۽ چڱن عملن ڪرڻ لاءِ رڳو عقل ڪافي ناهي. روحاني جذبي کي زور وٺائڻ ۽ ان سان عقل کي شامل ڪرڻ سان ئي ماڻهو ترقي ڪري سگهي ٿو. اڄوڪا تعليم يافته چوندا آهن ته نماز روزي وغيره جو ضرور ڪهڙو آهي. ڪين خبر به آهي ته دنياوي ڪمن ۾ ڪاميابي لاءِ Discipline and self control ضابطي ۽ انتظام ۽ پاڻ کي وس ۾ رکڻ جي ضرورت آهي. نماز ۽ روزو ٻين سون فائدن سان گڏ اعليٰ درجي جي ڊسپلن ۽ سيلف ڪنٽرول ٿا سيکارين. ازان سواءِ نماز ۽ روزا روحاني جذبه کي تقويت ٿا وٺائن. ۽ هر وقت الله تعاليٰ ۽ سندس حڪمن جي يادگيري ٿا ڏيارين. ڪي مغربي خيالن وارا ماڻهو ته اصل دين ڌرم جي ضرورت ئي ڪانه ٿا ڏسن، بلڪ چون ٿا ته دنيا ۾ دين ۽ ڌرم جي ڪري جيڪي فساد فتنا ۽ جنگيون ۽ جهڳڙا پيا ٿيا آهن ۽ ٿيندا رهن ٿا، تهڙا ٻئي ڪنهن به سبب کان ڪونه ٿيا آهن. اها ڳالهه شايد برابر هجي به پر اهي فساد وغيره هميشه دين جي نه سمجهڻ سبب پيا ٿيا آهن. سچو دين اٿلندو انهن ڳالهين جي پاڙ پٽيندڙ آهي. حقيقتن مذهب کان سواءِ انسان شتربي مهار آهي. جيئن ناڪيلي کان سواءِ اُٺ سڌو نه هلندو ۽ جيئن ٻيڙي سکيا کان سواءِ سڌي نه هلندي تيئن روحاني جذبي کان سواءِ انسان ڀٽڪي ڀٽڪي تباه ٿيندو، ڇو ته شريف روحاني جذبي جي اڻ موجودگي جي ڪري شيطاني يا نفساني جذبي جي غلبي هيٺ اچي هلاڪ ٿي ويندو.

اڄوڪن بزرگن جو تسبيح ۽ گوشه نشينيءَ تي زور آهي. مگر اڳوڻن بزرگن جو خاصو هو دنيا ۾ عمل ڪري ڏيکارڻ، اعليٰ اخلاق رکڻ ۽ قوم جو فائدو ڪرڻ.

اسلامي احڪامن تي اڄ ڪلهه عمل اهڙي طرح ڪيو ٿو وڃي جو انهن جو مقصد يا فائدو حاصل ڪونه ٿو ٿئي. گويا اسلام جو پاڇو وڃي رهيو آهي. بلڪ بدعتون ۽ بد رسمون جاري ٿي ويون آهن. قرآن شريف کي هڪ بي معنيٰ منتر سمجهيو وڃي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ٿو. ويچارن جاهل مسلمانن ۾ دين جو ايڏو شوق آهي جو ڪروڙين مسلمان صبح جو اُٿي قرآن شريف جو دور ڪن ٿا ڪن ۽ اسر جو يا سومهڻي وقت هڪ قسم جو ذڪر ڪن ٿا. جيڪڏهن عالمن ۾ ڪجھ بہ فهم هجي ها تہ ماڻهن کي سمجهائين ها تہ معنيٰ سان قرآن شريف موجود آهن، صبح جي وقت جڏهن قرآن شريف جو دور ڪيو تہ تڏهن معنيٰ کي ڏسو. ڏهہ رڪوع بي معنيٰ پڙهي وڃو تنهن ڪان هڪ آيت معنيٰ سان پڙهو ۽ سمجهو تہ گهڻو بهتر اٿو.

صلواتن ۽ وظيفن پڙهڻ ۾ ۽ ٻين ڪن ڪمن ۾ افراط ۽ تفريط ڪان پاسو ڪجي. سيني ڪمن ۾ اهو ئي نمونو وٺجي جو اصحاب سڳورا وٺندا هئا.

مسئلن تي راءِ زني ڪرڻ يا انهن جي سمجهڻ ۾ هن اصول کي نہ وسارجي تہ سڀ ڪنهن ڪم ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ لاءِ دنوي طرح ڪوشش ڪرڻ بہ ضروري آهي ۽ ان سان گڏ الله تعاليٰ جي مدد گهرڻ بہ ضروري آهي. لَّيۡسَ لِلۡاِنۡسَانِ اِلَّا مَا سَعٰى

الله تعاليٰ دين ۽ ديني هدايتون ان لاءِ ڏنيون آهن تہ اسان گناهن ڪان بچون، چڱا عمل ڪيون، هڪ ٻئي کي فائدا ڏيون، پاڻ کي پاڪ رکون، فلاح پايون ۽ الله تعاليٰ جو راضپو حاصل ڪري سندس جنت ۾ پهچڻ جا لائق ٿيون. الله تعاليٰ دين ۾ اسان لاءِ آسانيون ۽ فائدا رکيا آهن نہ تڪليفون ۽ نقصان.

شفاعت بر حق آهي. پر شفا مومن لاءِ آهي، انهن مومنن جي لاءِ جي هر طرح اسلام تي هلڻ جي ڪوشش ڪندا رهن. پوءِ بہ اُهي شفاعت جو حق چڪي نٿا سگهن، مگر شفاعت جي اميد رکي سگهن ٿا. پوءِ پاڻ ﷺ جن سندن شفاعت ڪن يا نہ ڪن.

ڪوڙي تصوف اسلام کي بگاڙي ڇڏيو آهي ۽ مسلمانن کي سچي اسلام ڪان بلڪل پري اڇلائي ڇڏيو آهي.

معجزا ۽ ڪرامتون برحق آهن. پر انهن کي ڪنهن قسم جو وزن ڏيڻ نہ گهرجي، ڇو تہ يوگ ۽ مسمريزم وارا بہ خرق عادت جهڙا ڪم ڪري سگهن ٿا. سچن بزرگن جي سڃاڻپ جون نشانيون ٻيون آهن. سچا بزرگ اُهي آهن جيڪي پنهنجي روزگار لاءِ ڪمائي ڪن ۽ سخاوت ڪن، وٺڻ بدارن ڏين ۽ قوم جي بهتري لاءِ خود قربانيون ڪن. وڏي نشاني هيءَ بہ آهي تہ انهن جي صحبت جي ڪري گناهن ڪان باز اچجي ۽ چڱن عملن ڪرڻ جو شوق پيدا ٿئي.

قبا ٺاهڻ نہ گهرجن. اُن جي بدارن تعليم تي پيسا خرچ ڪرڻ گهرجن. قبرن جي زيارت ۾ وڏو ثواب آهي پر وڏيون تڪليفون ڪري دور دراز مسافريون ڪري قبرن تي وڃڻ نہ گهرجي.

ملن جو فرقو هئڻ ئي نہ گهرجي. نڪي پيرن جو فرقو هئڻ گهرجي. اسان کي گهرجي تہ انهن معلمن کي مان ۽ عزت ڏيون ۽ پگهارون مقرر ڪري ڏيون جيڪي اسان کي ۽ اسان جي اولاد کي تعليم ڏين، ۽ پڻ انهن عالمن کي عزت ڏيون جيڪي اسلام



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

تي عمل ڪندڙ ۽ مسلمانن کي حق ڏانهن سڏيندڙ هجن. جيڪڏهن تبليغ جي ڪم ڪرڻ ڪري هنن کي سادي گذران هوندي به روزگار جي تنگي تي رهي هجي ته انهن جي مدد به ڪرڻ گهرجي، ڇو ته اها مدد انهن لاءِ ناهي پر قوم جي لاءِ آهي. مسڪين طالب علمن کي مدد ڪرڻ ۾ به وڏو ثواب آهي.

قرآن شريف جي ڪيترن ئي آيتن کي منسوخ سمجهڻ ۾ وڏو نقصان آهي. اهو خيال بلڪل غلط آهي ته اسان جي عملي هدايت لاءِ فقه ڪافي آهي، ۽ قرآن شريف فقط تبرڪ طور پڙهڻ گهرجي.

نجدي غلطين کان خالي ڪو نه آهن پر عمل تي جيترو انهن جو زور آهي ۽ جيتري قدر هو قرآن شريف ۽ حديث تي ۽ شرعي قانون تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش تا ڪن، تيترو ٻي ڪا به قوم ۽ ڪا به اسلامي رياست ڪانه ٿي ڪري.

ڪتابن يا شخصن يا فرقن يا غير مذهب ماڻهن تي راءِ زني ڪرڻ ۾ پهريائين سندن خوبين تي زور ڏجي نه عيب جوئي تي، پوءِ جيڪڏهن عيب جوئي به ڪجي ته بلڪل تهذيب جي نموني تي. اهڙي نموني جو خود انهن ماڻهن تي به چڱو اثر پوي. عيب جوئي انهي نيت سان ڪجي ته اهي ماڻهو راهه راست تي اچن، ۽ ٻيا ماڻهو سندن غلطين کان احتراز ڪن. تعصب بلڪل ڪڏي ڇڏڻ گهرجي، سڀ ڪنهن قسم جي ماڻهن سان خنده پيشاني سان ملڻ گهرجي. فقط انهن ماڻهن کان منهن موڙجي جي بدڪار، بدگفتار ۽ فسادي هجن ۽ سمجهائڻ سان به بدڪارين کان نه مڙن.

مسلمانن ۾ جيڪي ٿي فرقا آهن تن کي هڪ ڏاڪي ۾ آڻڻ جي هر طرح ڪوشش ڪرڻ گهرجي، ۽ اختلافن هوندي به سيني کي گڏجي نماز پڙهڻ گهرجي ۽ اهڙا ٻيا ضروري ڪم گڏجي ڪرڻ گهرجن. اسلامي ڪتب خانن جو اهتمام ضرور ڪرڻ گهرجي. علم اسلام جو بنياد آهي. دنوي خواه ديني تعليم تي ئي اسلام جو سڄو مدار آهي.

## دائمي ترقي ۽ سعادت لاءِ ڪيميائي نسخو ڇا هئڻ گهرجي؟

علم سان گڏ عمل ۽ تقويٰ ۽ سخاوت سان گڏ انصاف، رحم، مساوات،نماڻائي ۽ همدردي .

دعا گنج العرش ۽ دلائلِ الخيرات جي استادن جو نتيجو اهو ٿيو آهي، جو نه رڳو جاهل پر پڙهيل بلڪ عالم به اُن کي تعويذ وانگر پاڻ وٽ رکندا آهن ۽ هر روز پڙهندا آهن، ۽ عملن ڏيکاريندا آهن ته قرآن شريف کان انهن کي وڌيڪ چڱو ٿا سمجهن.

جيڪا حالت فقه جي ٿي آهي، اها ئي قرآن شريف جي تفسيرن جي ٿي آهي. اسان جي خيال ۾ اڳوڻا تفسير وڌيڪ معتبر ۽ وڌيڪ چڱا آهن، مگر هي رواجي عالم اڳين تفسيرن کي ڏسن به ڪونه. هو پوين کي وڌيڪ معتبر ٿا سمجهن، ۽ ساڳيو دليل



سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

تا ڏين تہ تحقيقات ۽ اجتهاد جي وسيلي اختلاف هلندا رهيا، ۽ آخر اتفاق قائم ٿي ويو. حقيقت چا آهي تہ پوين مفسرن اڳوڻن اختلافن کي ويچار ۾ نہ آندو آهي. ڪجھ اڳوڻا ڪجھ پنهنجا خيال گڏي نوان نوان تفسير ٺاهيندا ويا آهن، جن کي نيم خوانده مولوي سورهن آنا سچو ٿا سمجهن. اسانجو خيال آهي تہ اڳوڻا تفسير وڌيڪ معتبر ۽ وڌيڪ صحيح هئا. نيم خوانده مولوين کي ايترو علم ۽ عقل ڪٿي آهي جو اڳوڻن ۽ پوين تفسيرن جي ڀيٽ ڪري ڏسن. هنن جيڪي پنهنجي استاد کان ٻڌو ۽ سکيو سوئي سچ آهي. ان کان ٻاهر جيڪو ٻڌندو سو غلط آهي، فاسق آهي، منڪر آهي، ڪافر آهي ۽ سڀ ڪجھ آهي. تفسير راشدي ۾ لکيل آهي تہ قرآن شريف جي آيت "وَابْتَغُوْٓا اِلَيْهِ الْوَسِيْلَةَ" جو مطلب آهي تہ مرشد وٺو، ۽ پڻ هڪڙي حديث (جا هتڙادو گهڙيل ٿي ڏسجي) ڏني اٿس تہ جنهن کي مرشد ناهي تنهن جو مرشد شيطان آهي. هڪڙي وڏي عالم بزرگ کان مون اهل مماتي وارن کان استمداد (مدد گهرڻ) بابت سوال پڇيو، فرمايائين تہ قرآن شريف ۾ "وَابْتَغُوْٓا اِلَيْهِ الْوَسِيْلَةَ" بينو آهي جنهن جي معني آهي تہ ڳوليو الله تعاليٰ ڏانهن وسيلو. پوءِ اهل مماتي جي ولين جو وسيلو وٺڻ گهرجي. مان ڀانيان ٿو تہ اوائلي تفسيرن ۾ هي ٻئي معنائون بلڪل ڪونہ ڏيکاريل هونديون. پوين بزرگن قرآن شريف جي آيتن جون نيون نيون معنائون ۽ مطلب پنهنجا پنهنجا پئي ٺاهيا آهن.

نئين روشني وارا عالم جڏهن پراڻن خيالن وارن مولوين سان اختلاف ڪندا آهن، تڏهن ڪين چيو ويندو آهي تہ توهان مجتهد آهيو ڇا؟ جڏهن جواب ملندو اٿن تہ اسان مجتهد نہ آهيون نہ اسان جا ڪي بزرگ مجتهد آهن، جن جا خيال اسان سچا ٿا سمجهون. تڏهن پراڻن خيالن وارا عالم چوندا آهن تہ هن وقت اجتهاد جو دروازو بند آهي. جيڪڏهن اجتهاد ڪجي تہ بہ اهڙو هجي جو اڳوڻن سان موافق هجي نہ مخالف. اُنهن کان ڪو پڇي تہ سندن خيال اوائلي عالمن سان موافق آهن ڇا؟ ۽ اجتهاد جو دروازو ڪڏهن بند ٿيو ۽ ڇو ٿيو؟ پنهنجي لاءِ بہ بند اٿن يا رڳو مخالفن لاءِ بند آهي؟ اڄ تائين نوان نوان خيال مقبول پوندا آيا آهن، اگرچہ اهي قرآن ۽ حديثن ۽ عقل جي موافق بہ نہ هئا. پوءِ هاڻي جيڪڏهن ڪو مجتهد اهڙو تفسير ڪڍي جو حديثن سان ۽ عقل سان موافق هجي تہ ڪيس اجتهاد جو حق ڪونهي ڇا؟ پوءِ هو جواب ڏين ٿا تہ اسان جا وڏا عقل وارا هئا، هاڻي عقل ڪٿي آهي؟ در حقيقت جيڪڏهن عقل تي بحث ڪجي تہ جيترو عقل اڄوڪي زماني ۾ آهي اوترو اڳي ڪڏهن ڪونہ ٿيو. هزارين علم ۽ هنر ايجاد ڪيا ويا آهن، ڏسو ريلون، هوائي جهاز، گرئموفون، سئنيما ۽ تارون وغيره وغيره.

هيستائين عقل جي خلاف تفسيرن لکڻ جو حق سيڪنهن کي هو ۽ آهي، مگر عقل ۽ سند سان موافق تفسيرن لکڻ جو حق نئين روشني وارن کي ڪونهي، تنهنجو سبب ڇا


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڳي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

آهي؟ اسان کي بيشڪ اجماع اُمت تي هلڻو آهي، مگر هيستائين استبدادي حڪومت هيٺ ڪري مسلمان زنده درگور هئا، ۽ مذهبي آزادي نه هئڻ ڪري روز بروز بگاڙو ٿيندو ويو. نئين روشني وارن جو خيال آهي ته نئين سر اصل قرآن شريف ۽ صحيح حديثن ۽ فقه شريف کي ويچار ۾ آڻي، بدعتون ۽ غلطيون ڪڍي ڇڏجن، ۽ ان لاءِ زبردست عالمن جي ساليانی ڪانفرنس ٿئي. پوءِ جنهن ڳالهه تي اجماع ٿئي اُن تي هلڻ گهرجي.

مگر پراڻن خيالن وارا مولوي اهڙي ڪانفرنس کان ڪيٻائين ٿا، ڇو ته ڪين پڪ هوندي ته پليٽ فارم تي نئين روشني وارن سان هڪ لفظ به نه ڳالهائي سگهندا. اڄ تائين جو اُنهن کي سيڪنهن قسم جون نيون نيون ڳالهيون پسند پيو آيون آهن، پر نئين روشني وارن جا خيال ڪين نٿا وڻن. تنهنجو سبب هڪ ته هي آهي ته نئين روشني وارن جا خيال سندن خيالن جي سراسر مخالف آهن، ۽ ٻيو سبب هيءُ آهي ته نوان خيال سندن روزگار جي وسيلن کي برباد ٿا ڪن. نوان خيال رائج ٿيندا ته پيرن، ملن ۽ ملن جهڙن مولوين، فقيرن، مجاورن وغيره جي ڪمائي به هلي ويندي، ۽ وقار به هلي ويندو. مان ائين نٿو چوان ته هرويرو انهيءَ خيال سان مخالفت ٿا ڪن ته اسان جي روزگار جا وسيلا ۽ اسان جو وقار قائم رهي. پر فطرتي قانون آهي ته جنهن ڳالهه مان ڪنهن ماڻهو کي ذاتي فائدو ٿو رسي، تنهن کي ان ڳالهه بابت مخالف خيال تي رکو ويچار ڪرڻ تي به دل نه ٿيندي. اُلٽندو هو اُهي دليل هٿ ڪندو وتندو جي سندس فائدي ۾ هجن. اهي اگرچه زور وارا نه هوندا ته به ڪيس بلڪل زور وارا پيا ڏسڻ ۾ ايندا.

مون جيڪي مٿي چيو آهي تنهن جو ٿورن لفظن ۾ مطلب هي آهي ته عقلاً اجتهاد جو دروازو بند ڪونه ٿيو آهي. تقليد ڪرڻ ۽ اجماع اُمت تي هلڻ ضروري آهي، پر زبردست عالمن جي هر سال ڪانفرنس ٿيڻ گهرجي، پوءِ جيڪو فيصلو ٿئي اُن کي اجماع اُمت سمجهڻ گهرجي ۽ اُن جي تقليد ڪرڻ گهرجي.

نيم خوانده مولوي جڏهن جڏهن ڪنهن مسئلي تي بحث ڪرڻ ۾ سند يا دليل ڏيئي نٿا سگهن، تڏهن سلف صالحين جي اوٽ ۾ پناهه ٿا وٺن. سلف صالحن جو وڏنڊڙ لفظ ڪين ڏاڍي تسلي ٿو ڏئي. مشهور آهي ته جڏهن شتر مرغ شڪارين کان ڀڄي نه سگهندو آهي ۽ ٿڪجي پوندو آهي، تڏهن پنهنجو سڄو منهن واريءَ ۾ لڪائي ويهي رهندو آهي، ۽ سمجهندو آهي ته هاڻي مان شڪارين کان لڪي ويو آهيان، مگر شڪار ڪندڙ ان کي ان حالت ۾ اُلٽندو آسانيءَ سان پڪڙي سگهندا آهن. ساڳي حالت آهي اُنهن مولوين جيڪي سلف صالحين جي دامن ۾ لڪندا آهن. اهو خيال رکڻ ته اسان کون جيڪي اڳ تي گذريا آهن سي سڀ هرويرو اسان کان عقل ۽ تقويٰ ۾ زياده هئا سا سخت غلطي آهي. تواريخ ڏسو ته سيني پيغمبرن جون اُمتون ٿوري وقت کان پوءِ گمراهه ٿي ويون. حضرت موسيٰ ﷺ رڳو ٿورڙي وقت لاءِ پنهنجي ماڻهن کي، پنهنجي ڀاءُ حضرت هارون ﷺ جي زير نظر ڇڏي ويو ته هو ڳابو ٺاهي ان جي پرستش ڪرڻ لڳا.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

خود رسول خدا ﷺ جا قول موجود آهن، جي ڏيکارين ٿا ته اهڙو زمانو ايندو جنهن ۾ مسلمان بگڙجي ويندا ۽ خود عالم به بيڪار ٿي پوندا (اُنهن حديثن جا الفاظ مون کي ياد نه آهن) پوءِ هرويرو پاڻ کان اڳين جي آڙ ۾ لڪائڻ ڪيڏي نه غلطي آهي. قرآن شريف ۾ آهي ته، ڪافر، رسول الله ﷺ کي چوندا هئا ته، ”اسان پنهنجي وڏن جو طريقو ڇو ڇڏي ڪريون؟“ الله تعاليٰ ٿو فرمائي ته انهن کي چؤ ته ”ڇا اوهان اُنهن جو طريقو نه ڇڏي ڪندو، اگرچه هو غلطيءَ تي هئا.“

تاريخ ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ته مسلمان ۽ سندن عالم جيئن پوءِ تيئن بگڙندا ويا. پوءِ ڪاڏي اُنهن سلفن جي سند، ڪاڏي الله جي ڪتاب ۽ رسول ﷺ جو قول ۽ فعل ۽ اصحابن سڳورن جي قولن ۽ فعلن جي سند. ازانسواءِ جن کي اڄوڪي دنيا جي واقفيت آهي، سي پڪ سان چوندا ته اڄوڪي زماني ۾ عقل ۽ علم بلڪل زور آهي. ايترو قبول ڪيان ٿو ته متاخرين ۾ به ڪي چڱا چڱا عالم ٿي گذريا آهن. مثلاً شاهه ولي الله صاحب دهلوي رحمة الله عليه. مگر اهڙن زبردست عالمن جون تصنيفون اسان جي نيم خوانده مولوين کي نڪي سمجهه ۾ اچن نڪي وڻن. طوطي جو آواز نقارخانه ۾ ڪير ٻڌي؟

**اسلام ڇا آهي؟**

ارمان جي ڳالهه اها آهي، جو اسان جا عالم عوام الناس کي، قرآن مجيد ۽ صحيح حديثون ته ڪونه سيکارين، پر رڳو هنن کي ايترو به ڪونه ٻڌائيندا آهن، ته ايمان ۽ اسلام ڇا آهي، ۽ مومن ۽ مسلمان ڇا کي چئجي؟ جنهنجو نتيجو اُهو ٿيو آهي جو هزار مان نؤ سؤ نوانوي مسلمان اهڙا آهن جن کي مسلمان ئي سڏي نٿو سگهجي. هڪڙو انگريزي دان، جو پاڻ کي ليڊر سڏائيندو آهي، تنهن کان پڇيم ته مسلمان ڪنهن کي ٿو سڏجي؟ جواب ڏنائين ته ”مسلمان اُهو آهي، جو پاڻ کي مسلمان سڏائي.“عوام الناس جي حالت ته اُن کان به ابتر آهي. وري جن کي ڪجهه ڪجهه خبر آهي ته اسلام ڇا آهي، تن ۾ هزار مان نؤ سو نوانوي اسلام جي تعليم حاصل ڪرڻ جو شوق ڪونه ٿا ڪن. جن ڪجهه ڪجهه تعليم حاصل ڪئي آهي تن ۾ مطالعي جو شوق ڪونه آهي، ۽ انهن ۾ هزار مان نؤ سو نوانوي عملاً منڪر آهن. يعني الله تعاليٰ کي زبان سان ته مڃن ٿا مگر روزمره جي زندگي ۾ سندس حڪمن جي انحرافي پيا ڪن. هڪڙي تمام وڏي عالم کي چيم ته ارمان جي ڳالهه آهي، ته عالمن ۾ علم ڪونه آهي، پوءِ ٻين جي رهبري وري ڪيئن ڪري سگهندا؟ ازانسواءِ حديث موجب عالم بي عمل، جاهلن کان به خراب آهي. مولوي صاحب فرمايو ته شيطان به پنهنجو سڄو زور عالمن تي ٿو لڳائي، پوءِ عالم ويچارا ڇا ڪن! اهو جواب بلڪل واهيات آهي.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

رسول الله ﷺ جن وت ڪي ماڻهو مسلمان ٿيڻ ايندا هئا ته ڪانئن بروقت هي انجام ورتا ويندا هئا.

1) اسان هڪ خدا جي عبادت (پانهپ) ڪنداسين ۽ ڪنهن کي هن جو شريڪ نه بنائينداسين.
2) اسان چوري يا زنا ڪڏهن ڪين ڪنداسين.
3) اسان پنهنجي اولاد کي قتل نه ڪنداسين.
4) اسان ڪنهن تي ڪوڙي تهمت نه لڳائينداسين، نڪي چغلي هڻنداسين.
5) اسان نبي ﷺ جي فرمانبرداري سڀ ڪنهن چڱي ڳالهه ۾ ڪندا رهنداسين.

هڪڙي اصحابيءَ کان روايت آهي، ته جڏهن پاڻ رسول الله ﷺ جي هٿ تي بيعت ڪيائين تڏهن ڪانئس اسلام تي هلڻ، ۽ مسلمانن سان خير خواهي ڪرڻ جو شرط ورتو ويو.

اسان جا پير ۽ مرشد اهڙا انجام بلڪل ڪونه وٺندا آهن. ڪي ته فقط چڱو وڏي مريد بنائيندا آهن ۽ حڪم ڪندا آهن ته ٻارهين ٻارهين مهيني مقرر ڪيل ڏن ڏيئي وڃجان. جيڪي چڱا عالم پير آهن، سي به اهڙيون ٻه چار ڳالهيون ٻڌائيندا آهن، جن مان نڪو نڪري ڪڙ نڪو تيل.

ناظرين صاحبو! مٿي ڏنل پنجين فقره تي ته ڪجهه نظر ڪري انصاف ڪجو. پاڻ اگرچه پيغمبر هئا ته به اهڙو انجام ڪو نه وٺندا هئا ته سڀ ڪنهن ڳالهه ۾ منهنجي فرمانبرداري ڪندو، پر ائين انجام وٺندا هئا ته، سڀ ڪنهن چڱي ڳالهه ۾ منهنجي فرمانبداري ڪندو، مگر اڄوڪا عالم ۽ پير ۽ مرشد ۽ درويش اها تلقين ڪندا آهن ته، جيئن اسان حڪم ڪيون تيئن ڪيو، اگرچه توهان کي اهو ڪم گناهه جو ڏسڻ ۾ اچي. هڪڙي روايت مون کي ياد آهي ته، رسول الله ﷺ ڪنهن عورت کي گهرائي چيو ته مڙس سان هن ريت هلت ڪر. عورت پڇيو ته اهو حڪم مون کي اسلام جي مذهب موجب ٿا ڏيو يا ذاتي سفارش ٿا ڪيو؟ پاڻ فرمايائون ته ذاتي سفارش ٿو ڪريان. عورت چيو ته مان قبول ڪري نٿي سگهان. ﷺ ڪيس ڪجهه به نه چيو نڪي ناراضپو ڏيکاريو:

اڄوڪا عالم نالي جي مسلمانن کي مسلمان بنائڻ لاءِ مٿيان انجام ته ڪونه وٺن پر رڳو ڪلمي شريف جي معنيٰ به ڪو نه سيکارين، پوءِ ڪيئن ڪين عالم ڪوٺجي، ۽ ڪيئن عوام الناس کي مسلمان ڪوٺجي؟ ياد رکڻ گهرجي ته ڪلمي پڙهڻ سان ماڻهو مسلمان ڪونه ٿو ٿئي، پر ڪلمي تي ايمان آڻڻ سان، پوءِ توڙي سنڌيءَ ۾ پڙهجي. ايمان ڪنهن به ڳالهه تي تڏهن آڻبو، جڏهن اها ڳالهه سمجهه ۾ ايندي، ۽ دل سان لڳندي، ۽ سچي معلوم ٿيندي. ايمان آهي ”اقرار باٰ اللسان و تصديق باٰ القلب“ يعني زبان سان اقرار ڪرڻ ۽ دل سان تصديق ڪرڻ. ڪلمي شريف جي معنيٰ هيءَ آهي ته الله تعاليٰ کان سواءِ ڪو به معبود ڪونهي ۽ حضرت محمد (ﷺ) الله جو


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

رسول آهي.

پهرئين ڀاڱي جو مطلب آهي تہ فقط الله تعاليٰ جي عبادت ڪجي ۽ فقط سندس حڪمن جي فرمانبرداري ڪجي. ٻين جو حڪم تڏهن مڃجي جڏهن مناسب بہ هجي، ۽ الله تعاليٰ جي حڪمن جي خلاف بہ نہ هجي. اڄ ڪلهہ ماڻهو ٻين جا حڪم مڃن ٿا، اگرچہ الله تعاليٰ جي حڪمن جي خلاف هجن. جنهنجو مطلب اهو ٿيو تہ، هو الله تعاليٰ کان انهن کي وڌو ٿا سمجهن ۽ منجهن ايمان وڌيڪ اٿن ۽ خدا جي خوف کان سندن خوف وڌيڪ ٿا رکن. ڪي وري الله تعاليٰ جي حڪمن کان شيطان جي حڪم کي وڌيڪ ترجيح ٿا ڏين. الله تعاليٰ جا حڪم ڪهڙا آهن، تنهن جو جواب وري ڪلمي شريف جي ٻئي ڀاڱي ۾ ڏنل آهي، يعني اهي حڪم اهي آهن جي سندس موڪليل پيغمبر سيکاريا آهن، يعني قرآن مجيد ۽ رسول الله ﷺ جا صحيح طور روايت ڪيل قول ۽ فعل.

ڪلمي شريف جي معنيٰ مان ئي معلوم ڪري سگهبو تہ اسان کي نہ رڳو ڪلمي شريف جي معنيٰ سمجهي زبان سان اقرار ۽ قلب سان تصديق ڪرڻي آهي، پر الله تعاليٰ جي حڪمن جي فرمانبرداري بہ ڪرڻي آهي، اهو ئي سبب آهي جو لا الہ الا الله جو ذڪر افضل سمجهيو ويندو آهي. ڇو تہ ان ڪلمي ۾ سڄو اسلام اچي ويو. قرآن شريف ۾ ڪٿي بہ ائين فرمايل نہ آهي تہ جيڪو شخص رڳو ايمان آڻيندو سو بهشت ۾ ويندو. بلڪ جتي جتي ايمان آڻڻ جو حڪم ڪيل آهي، اتي چڱن عملن جو بہ حڪم ڪيل آهي. ”اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ“ جا الفاظ جتي ڪٿي گڏ آيل آهن. ٻين سون آيتن مان بہ ثابت آهي تہ مومن ۽ مسلمان انهيءَ کي چئجي، جو الله تعاليٰ جي حڪمن جي فرمانبرداري ڪري. ايمان بيشڪ مقدم آهي، ڇو تہ چڱن عملن جو مدار صحيح عقيدن تي آهي. پر عملن کان سواءِ ايمان ائين آهي، جيئن ميوي کانسواءِ درخت. پوءِ ائين بہ آهي تہ جنهن کي پڪو ايمان هوندو سو عمل بہ ضرور ڪندو. مثلن مون کي پڪ آهي تہ باهہ ۾ هٿ وجهندس تہ ايذاءِ ايندو، تنهنڪري هٿ وجهندس ئي ڪين. مون کي ڪراچيءَ وڃڻو آهي، پڪو ويساهہ اٿم تہ ڏکڻ طرف آهي، تنهن ڪري ضرور ڏکڻ ويندس، اُتر هرگز ڪين ويندس. اسان ۽ اسان جا عالم جو عمل ۾ قاصر آهن، تنهن جو سبب رڳو هيءُ آهي، جو اسان جو ايمان بہ ضعيف آهي. اهڙا بزرگ آهن ئي ڪين جن جي صحبت اسان جي ايمان کي پڪو ڪري، ۽ اسان کي صالح عملن تي آماده ڪري. چيو اٿن تہ ”جهڙي صحبت تهڙو اثر“.

ناظرينو! ٻڌائڻ فرمايو، تہ عالم ۽ پير ڪلمي شريف جي معنيٰ ٻڌائي اسان کي مسلمان ڪن ٿا يا نہ. جي نہ، تہ ڇو نٿا ڪن؟ سبب هي آهي تہ پاڻ ئي ڪونہ ٿا سمجهن، تہ اسلام ڇا آهي ۽ ڪلمي شريف ۾ ڪيتري حڪمت رکيل آهي. ائين تہ نہ آهي تہ جيڪڏهن ماڻهن کي ڪلمي شريف جي معنيٰ جي خبر پوندي تہ هو قرآن شريف ۽


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

حديث ڏي متوجه ٿيندا ۽ الله تعاليٰ جي فرمانبرداري ڪندا، نه سندن؟ پر ائين ڇا هوندو!

هيءَ ڳالهه به ضرور ڌيان ۾ رکڻ گهرجي ته الله تعاليٰ غني آهي، ڪيس اسان جي عبادت جو احتياج ڪونهي. جيڪڏهن اسان سندس فرمانبرداري نه ڪيون ته ڪيس ڪو به نقص يا نقصان نٿو رسي. باقي رهي هيءَ ڳالهه ته ڇو اسان تي نماز ۽ روزن وغيره جي تڪليف رکي اٿس. ظالم آهي ڇا؟ نه، هرگز نه! غور ۽ عقل سان ڏسندؤ ته جيڪي به اسان تي فرض رکيا اٿس، جيڪي به حڪم ڪيا اٿس، ۽ جيڪي به سيکاريو اٿس، سو سڀ اسان جي فائدي لاءِ آهي. هو ظالم نه آهي پر هو رحيم ۽ شفيق آهي. جيڪڏهن اسان ڪي اسان جي بد عملن جي سزا تو ڏئي ته اهو به سندس رحم آهي، ڇو ته سزا نه ڏئي ته وڌيڪ ۽ وڌيڪ خراب ٿيون. توهان ڏٺو هوندو ته الله تعاليٰ اسان کي وڌيڪ تڏهن ياد ايندو آهي، جڏهن اسان تي ڪا مصيبت يا تڪليف نازل ٿيندي آهي. پر افسوس جو اسان بي دين ان تڪليف گذارڻ بعد وري الله تعاليٰ کي وساري ڇڏيندا آهيون، اڳيئي چيو ويو آهي ته اسلام جو خاص مقصد آهي اخلاقن جو سڌارو ۽ ذات انسان جو ڀلو.

حديث آهي ته الله تعاليٰ تو فرمائي ته، ”اي انسان! مون سان محبت رکين ٿو ته ڀهريائين ذات انسان سان محبت رک. سڀ کان چڱو انسان اهو آهي، جنهن جا اخلاق چڱا هجن، ۽ جو خدا جي خلق کي فائدو پهچائي.“ تنهنڪري ضروري آهي ته اسان عقل جي وسيلي اسلام جي حڪمن ۽ تعليمات جون خوبيون ۽ فائدا بيان ڪيون. ان ۾ دنياوي فائدا به اچي ٿا وڃن. ڇو ته جيڪڏهن اهي بيان ٻڌائبا ته غير مسلمان اسلام ڏي مائل ٿيندا ۽ مسلمانن جو ايمان وڌيڪ پڪو ٿيندو. هڪڙي حديث آهي ته ڪو شخص دنيائي فائدي جي نيت سان ڪو شرعي ڪم ڪندو ته هن جو اهو عمل رد آهي. تنهنڪري بهتر آهي ته شرعي ڪم انهيءَ نيت سان ڪجن ته اهي مهربان مولا جا حڪم آهن سي ضرور مون کي مڃڻ گهرجن. جو مهربان مولا مون سان هيڏيون مهربانيون ٿو ڪري، تنهن جو شڪرگذار رهڻ، ۽ تنهنجا حڪم مڃڻ منهنجو فرض آهي. اهڙي مهربان مولا سان محبت رکندس، ۽ کيس راضي رکڻ جي ڪوشش ڪندس، ته هو مون تي وڌيڪ مهربان رهندو.

انهيءَ جو اهو مطلب ناهي ته انهن شرعي حڪمن جي دنيائي فائدن جو ويچار ئي ڪرڻ نه گهرجي. مثلاً حضرت علي ﷺ فرمايو آهي ته، ”صوموا تصحوا- روزا رکو ۽ صحت پرايو.“ يعني روزا صحت وڌائين ٿا. ازانسواءِ مٿئين حديث شايد ٻئي مقصد سان فرمائي وئي آهي. مثلن نماز انهيءَ مقصد سان پڙهڻ ته ماڻهو مونکي نيڪ سمجهن، يا روزا انهيءَ نيت سان رکڻ ته ماني مفت جي ملي، يا قرآن شريف انهيءَ نيت سان پڙهائڻ ته ماڻهن کان پيسا ملن اهڙي نيت سان اهي ڪم ڪبا ته پوءِ بيشڪ اهي مردود آهن.

اسلام جو مقصد مٿي سمجهايو ويو آهي، انهيءَ مقصد نه سمجهڻ ڪري اسلام


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

۽ مسلمانن بلڪ عالمن جي حالت حيرت ناڪ ٿي وئي آهي. اسلام ڪونهي، ان جو پاڇو سو آهي. جسم آهي، مگر منجهس روح يا زندگي ڪانهي. جيئن روح کان سواءِ جسم ڪنو ڏونڊ ٿي تو وڃي، اهائي حالت اسلام ۽ مسلمانن جي ٿي رهي آهي. نانگ نڪري ويو آهي. رڳو ليڪو پيو ٿو ڪُٽجي. اهو ئي سبب آهي جو قرآن شريف معنيٰ سان ڪون ٿو پڙهيو وڃي. ان کي فقط پوتيون پارائي چميون ڏئي گهر ۾ رکيو ٿو وڃي. بيمارن جي سيني تي رکيو ٿو وڃي، بيمارن يا مردن کي بخشيو ٿو وڃي يا ان سان اسقاط ڪرايو ٿو وڃي يا وبا وغيره جي ڏينهن ۾ گهرن جي چوڌاري ڦيرايو ٿو وڃي. ڪروڙين مسلمان ان کي هر روز صبوح جو گهڙي ڪن پڙهن ٿا، مگر هنن کي ڪڏهن اهو خيال به ڪو نه ٿو اچي ته اسانکي الله تعاليٰ جو حڪم ڪيل آهي ته ان کي سمجهو ۽ ان تي عمل ڪيو. نماز وظيفا وغيره به ساڳيءَ طرح بنا سمجهڻ جي پڙهيا ٿا وڃن، گويا قرآن شريف ۽ ڪلمي شرِيف ۽ صلوات سڳوري کي جوڳين وارو منتر يا منڊ سمجهيو ٿو وڃي، جن جي رڳو اُچارڻ سان يعني رڳو زبان ۽ چپن هلائڻ سان دنيا ۽ آخرت جون مرادون حاصل ٿي وينديون.

اهو ئي سبب آهي جو جنهن رسول مقبول ﷺ جي پيروي ڪرڻ جو قرآن شريف ۾ حڪم ڪيل آهي، ۽ فرمايل آهي ته جيڪڏهن الله تعاليٰ سان محبت ٿا رکو ته سندس رسول ﷺ جي عملن جهڙا عمل ڪيو، تنهن رسول مقبول ﷺ جا عمل ۽ اخلاق ۽ حياتيءَ جو احوال ماڻهن کي ڪون ٿو ٻڌايو وڃي. ان جي عيوض ڪوڙا ۽ گمراهه ڪندڙ معجزا ۽ مغالطو ۾ وجهندڙ مولود ۽ اڪثر ڪري ڪوڙي تعريف بيان ڪئي ويندي آهي. هڪڙي پيري ٻن بزرگن تڪليف وٺي مهربانيون ڪري مون کي اچي چيو ته فلاڻا، فلاڻي هنڌ مولود خواني آهي هلو ته ٻڌون، مون چيو ته مون کي ڪوڙي تعريف ٻڌڻي ناهي. هنن جا ڏند چپن سان لڳي ويا، ۽ فرمايائون ته رسول اللهﷺ جي تعريف ڪوڙي ڪيئن ٿي سگهندي؟ جيڪا تعريف سندن ڪري سگهجي تنهن کان هو گهٽو مٿي هئا. انهن بزرگن مون کي منڪر سمجهيو هوندو، مگر زيردستي ڪري ڪيچي ڪون سگهيا. مان هڪڙي باب ۾ سمجهائيندس ته ڪوڙي تعريف ڪهڙي آهي، ۽ سچي ڪهڙي آهي، حقيقت اها آهي ته گهڻا مسلمان ۽ خود عالم رسول الله ﷺ ۽ اسلام جي گلا ۽ توهين ڪري رهيا آهن نه واڪاڻ ۽ عزت.

ڪوڙن معجزن بابت چيو ويندو آهي ته انهيءَ نيت سان ته ماڻهن ۾ رسول اللهﷺ لاءِ عزت ۽ حب وڌي، ڪوڙا معجزا ناهڻ ۽ ٻڌائڻ جائز آهي. خدا يا خير ڪر! ڪڏهن ڪوڙ هڻڻ به جائز ٿي سگهي ٿو؟ سچا معجزا ڪينهن چا؟ يا جيڪا سچي تعريف رسول الله ﷺ جي قرآن شريف ۽ صحيح بخاريءَ ۾ بيان ڪيل آهي، سا ٿوري آهي يا اڻپوري آهي چا؟ انهن جاهلن کي اها خبر ناهي ته دنيا ۾ عقل ۽ علم گهڻو وڌي ويو آهي، هو ڪوڙ سچ کي هڪدم پرکيو ٿا وٺن. مولودن ۾ جيڪي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڪوڙا معجزا يا تعريف، غير مسلمان يا يورپي تعليم يافته مسلمان پڙهن ٿا، سي انهن ۾ اسلام ۽ اسلام جي باني ﷺ لاءِ نفرت پيدا ٿا ڪن. اڪثر ڪري مولودن ۾ حضرت پاڪ ﷺ کي رواجي معشوق بنايو ويندو آهي. مثلن ”اچ ٻارو چل اچ، پنهل جام پرچ الا، گهوريو وڃوڙيو تو ماري“. يا هن قسم جا واهيات جملا ڪم آندا ويندا آهن، جي ناحق هندن جون دليون ڏکوئين. مثلن ”هٽ ڀچي حجرا ڪيو، مڪي مٽ پري“. اڪثر ڪري رسول الله ﷺ کي الوهيت جو درجو ۽ صفتون ڏنيون وينديون آهن جيڪو شرڪ آهي.

هڪڙي مولوي سگوري هڪڙو غزل امام حسين رضي الله عنه جي تعريف ۾ چيو آهي، جنهن ۾ چيو اٿس ته محشر جو ڪهڙو ڊپ آهي، جڏهن امام حسين منهنجو شافع آهي. انهيءَ جو مطلب اهو ٿيو ته خدا ۽ محشر ڪان ڊڄڻ اجايو آهي، بيشڪ موجون ماڻجن ۽ گناهه ڪجن!

منهنجو عرض ۽ غرض هي آهي ته اردوءَ ۾ گهٽ ئي قابل عالمن رسول الله ﷺ تي سچا ۽ سهڻا قصيدا ٺاهيا آهن، جي گمراهه ڪرڻ بدران رهنمائي ڪندڙ آهن. سنڌين کي گهرجي ته مبالغي جي مصالحي ۽ ڪوڙ جي چٽ کي ڇڏي سچ کي اختيار ڪن ۽ خدا جي خلق کي گمراهه نه ڪن. شاعرن ۽ ڳائيندڙن کي گهرجي ته جيستائين وڏن عالمن جي تصديق نه ڪرائين، تيستائين مولود ۽ قصيدا ڪنهن کي نه ٻڌائين. بهتر ائين ٿئي ته ڪو چڱو عالم چڱا قصيدا ۽ مولود ۽ غزل گڏ ڪري ڇپارائي راڳيندڙن کي هدايت ڪري ته فقط اُهي ڳائين.

## عقل ۽ روحاني جذبا

اڳين بابن ۾ عقل جي ضرورت بيان ڪئي وئي آهي، مگر رڳو عقل ڪافي ناهي. انسان ۾ جذبا به رکيل آهن هڪڙا شريف ۽ ٻيا شيطاني، مگر ساڳيا ئي جذبا عقل سان شامل ڪبا ته شريف آهن، ۽ جيڪڏهن بي عقلائيءَ سان شامل ڪبا يعني عقل تي غالب پوندا ته شيطاني آهن. مثلن ڪاوڙ جو جذبو انسان ۾ رکيل آهي. جيڪڏهن ان کي پنهنجي وس ۾ رکجي ۽ مناسب موقعن تي ڪم آڻجي ته ان کي غيرت ٿو سڏجي. ظلم، زوري ۽ زنا جهڙن ڏوهن تي غيرت اچڻ گهرجي، ۽ جائز نموني سان ڏوهيءَ کي روڪجي، ۽ مظلوم جي مدد ڪجي، ته اهو هڪ تمام چڱو گڻ آهي. پر جيڪڏهن پنهنجي غرض ۽ پنهنجي حرصن جي آڏو ڪو اچي ته هڪدم آپي کان ٻاهر نڪري وحشين وانگر وير وٺڻ، سو آهي ڪاوڙ کي پاڻ تي غالب ڪرڻ ۽ ديوانگي جي حالت کي رسڻ. محبت به هڪ جذبو آهي، جيڪو عقل سان ڪم آڻجي ته نهايت عاليشان آهي، ۽ بيوقوفي سان ڪم آڻجي ۽ پاڻ تي غالب پوڻ ڏجي ته نقصان ڪار به آهي. اهڙي طرح ٻيا به ڪيترا جذبا انسان ۾ رکيل آهن. انهن مان



سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

روحاني جذبو بہ هڪ نهايت طاقتور جذبو آهي، جيڪو پڻ سيني انسانن ۾ عام آهي. جهنگلي انسان بہ ڪنهن نہ ڪنهن هستيءَ کي بالائي طاقت سمجهي ان جي پرستش ٿو ڪري، ۽ ان کان مدد ٿو گهري. فيلسوفن ۽ عاقلن ۾ بہ اهو جذبو موجود آهي، مگر ڪوڙن دليلن سان هو گهٽو ڪري ان جذبي کي دٻائي ٿا ڇڏين، ۽ پاڻ کي گمراهہ ٿا ڪن. انهي جذبي جي جيڪڏهن پوري رهنمائي نٿي ٿئي تہ ماڻهو سج، چنڊ، باهہ، وڻ، انسان بلڪ بتن جي پوڄا ڪرڻ لڳن ٿا ۽ پاڻ کي پرمن ۽ بد رسمن ۾ تباهہ ٿا ڪن. پر جيڪڏهن انهي جي پوري رهنمائي ٿي ٿئي تہ هو فقط هڪ الله جي ٻانهپ ٿا ڪن، ۽ اجاين سنسن ۽ بد رسمن ۽ ٻين جي غلاميءَ کان ڇٽي ٿا پون. جِهل جي ڪري اسان مسلمانن ۾ بہ پير پرستي ۽ قبر پرستي گهٽي ٿي پيئي آهي. جاهلَ تہ ڇڏيو پر پڙهيل ماڻهو بہ سڌيءَ طرح دين اسلام جي واقفيت حاصل ڪرڻ بدران پنهنجو بار پيرن تي لاهي ٿا وجهن ۽ سمجهن ٿا تہ هو قيامت جي ڏينهن اسان کي ڇڏائيندا. اهڙا ماڻهو هزارين پيا ڏسجن جيڪي نہ رڳو ديني ڪمن، پر دنيائي ڪمن ۾ بہ پنهنجي مرشد جي صلاح وٺندا آهن. جيئن هو حڪم ڪندو آهي تيئن ڪندا آهن. اگرچہ ڪو ماڻهو ڪنهن کي دليل ڏئي يا قرآن شريف جون آيتون پڙهي سمجهائيندو آهي، تہ بہ هو چوندو آهي تہ مون کي جيئن مرشد چوندو تيئن مجيندس ۽ تئين ڪندس. هن مان سمجهبو تہ هو الله کي ڪو نہ ٿو مڃي، مگر مرشد کي ٿو مڃي. اها آهي پير پرستي. ساڳي طرح يهودي بہ ڪندا هئا، جنهن ڪري الله تعاليٰ قرآن شريف ۾ انهن بابت فرمائي ٿو: تہ هو الله تعاليٰ جي بدران پنهنجي مجتهدن کي رب ڪري ٿا وٺن.

خير اها ڳالهہ تہ هونئن ئي وچ ۾ اچي وئي. هاڻي اچون ٿا اصل مقصد تي تہ پوري ترقيءَ لاءِ رڳو عقل ڪافي ناهي، مگر روحاني جذبي سان عقل شامل هجي. اڄوڪا دهريا ماڻهو فقط عقل کي ٿا وٺن، ۽ ڪو بہ دين اختيار نہ ٿا ڪن. هنن جي ناداني اها آهي جو هو ٻين ڳالهين ۾ فطرت کي مڃين ٿا، مگر انهي ڳالهہ کي ويچار ۾ نٿا آڻين، تہ روحاني جذبو بہ اسان جي فطرت ۾ رکيل آهي. خود فيلسوف بہ بيهوشي ۾ بي اختيار ڌڻي تعالي کي پڪاريندا آهن. جنهن مان پڪ سان چئي سگهجي ٿو تہ سيني انسانن ۾ اهو جذبو فطرتن موجود آهي. نہ رڳو ايترو پر فيلسوف بہ قبول ٿا ڪن تہ ماڻهو عقل تي ايترو نہ ٿا هلن جيترو جذبن تي. عقل ڪمزور ۽ ڍرو آهي، ۽ جذبا تڪڙا ۽ طاقتور آهن، جنهن ڪري اڪثر ڪري جذبا عقل تي غالب پئجيو وڃن. نہ رڳو ايترو پر اڪثر ڪري عقل جذبي جو غلام ٿيو پوي ۽ اهي دليل پيو ڳولي ۽ هٿ ڪري، جيڪي ان جذبي جي مطابق هجن، ۽ اهڙو انڌو ٿيو پوي جو حق جي دليلن کي ڏسي ئي ڪو نہ. اهوئي سبب آهي جو ديني جذبي کان سواءِ رڳو عقل جي وسيلي انسان اخلاقي ڪماليت حاصل ڪري نٿو سگهي. تنهن ڪري ضرور آهي تہ اسان خود انهن جذبن کي سنوت ۾ آڻيون. جيڪڏهن اسان روحاني جذبي کي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

دٻائڻ بدران ان کي قوت ونايون، ۽ سچي دين ۽ عقل سان شامل ڪريون ته پوءِ ويسر ۾ به اسان کان گناهه ڪون ٿيندو، جو ته گناهه تين تا بچڻ جذبن جي ڪري. چوندا آهن ته ”جيتر للو ڪٽي لٿ، تيتر ڪره وجي اجهامي.“ ساڳي طرح جيستائين عقل تيار ٿئي تيستائين خراب جذبن هيٺ خراب عمل ٿيو وڃن. پر جيڪڏهن خود جذبا ئي شريف ڪيا ويا آهن، ته گناهه جو ڪم ڇو ڪيو ويندو؟ جنهن ماڻهو جا جذبا شريف آهن تنهن کي گناهه جي ڪم کان نفرت ايندي. اهو ئي سبب آهي جو عام طرح چال سڌارڻ لاءِ ۽ شريف جذبن پيدا ڪرڻ لاءِ عاليشان شعرن جو سيکارڻ ۽ پڙهڻ ضروري سمجهيو ٿو وڃي.

پي غلطي دهريا فيلسوف هيءَ به ٿا ڪن جو ائين نه ٿا چاٽن ته انسان ناقص العقل آهي. جڏهن فيلسوف ئي ناقص عقل آهن تڏهن ويچارن عام ماڻهن جي ڪهڙي حالت هوندي. جيڪڏهن هنن کي ڪجهه ڪجهه خدا جو خوف نه هجي ته ڪم عقلي جي ڪري خبر ناهي ڪهڙا ڪهڙا وحشي ڪم ڪري چڪن. پر عاقل ماڻهو به روحاني جذبي کان سواءِ وحشي ٿي پيا آهن. فقط هڪڙو مثال وٺو. تيرهن سؤ ورهيه اڳي هڪڙي جهنگلي قوم جي اڻ پڙهيل شخص (حضرت ﷺ جن) کي وحيءَ جي وسيلي سمجهايو ته شراب بلڪل خراب آهي. مگر يورپ جو سترهين صديءَ کان وٺي عقل ۽ علم ۾ حيرت انگيز ترقي ڪري رهيو آهي، تنهن کي اسلام جي تعليمات جي خبر هوندي به اجا هاڻي سمجهه اچڻ لڳي آهي ته شراب برابر خراب آهي، ته به شراب کي اجا ڇڏي ڪون سگهيا آهن. مگر مديني شريف ۾ جڏهن شراب جي حرام ٿيڻ جو پڙهو گهميو، تڏهن سيني مسلمانن هڪدم شراب جون صراحيون گهٽين ۾ هاري ڇڏيون. ان ڏينهن گهٽين ۾ شراب وهڻ لڳو ۽ شراب پيڻ بند ٿي ويو. اها آهي ايماني قوت، اهو آهي خدا جو خوف، ۽ اهو آهي روحاني جذبو.

هاڻي سوال آهي ته اهو روحاني جذبو ڪيئن ٿو قوت وٺي؟ اهو جذبو دیندار والدين ۽ مائٽن ۽ دوستن جي صحبت سان ۽ قرآن ۽ حديث ۽ ٻين چڱن ڪتابن جي مطالعي ڪرڻ سان تقويت ٿو وٺي ۽ پڻ چڱي روحاني جذبي وارن جي صحبت سان زور ٿو وٺي. چون ٿا ته جمال الدين افغاني جيڪو اڻويهين صديءَ عيسويءَ جي آخر ۾ ڪلڪتي ۾ آيو هو، تنهن سان سڌو هيرا نند حيدرآبادي اتي مليو هو، دوستن پڇيس ته خبر ڪر ته جمال الدين افغاني ڪيئن ڏٺئي؟ جواب ۾ چيائين ته هو آگ آهي، ۽ جيڪو به وٽس وڃي ٿو تنهن کي به آگ لائي ٿو ڇڏي. پر انهي کي ڇڏي توهان گانڌي ۽ محمد علي جهڙن ليڊرن کي وٺو انهن کي پنهنجن پنهنجن خيالن ۽ عقيدن بابت ايڏو جوش آهي جو ڪو به شخص وٽن وڃي ٿو ته اهو به جوش سان ٽمٽار ٿي ٿو وڃي. ساڳي طرح مگر گهڻي بهتر نموني ۾ رسول الله ﷺ جو اثر سندس اصحابن سڳورن تي پيو، اهو اثر پشت به پشت هليو اچڻ گهربو هو، مگر افسوس جو اڳي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڇاڪاڻ ته ائين ٿي سگهي ٿو ته اهي ماڻهو اسلام جي تنزل ۽ تباهي جا ذميوار آهن. اهو ئي سبب آهي جو اسلام جي سمجهه ۽ عمل ۾ ڪيترائي نقص پيدا ٿي ويا آهن.

جاٽايل سببن جي ڪري اسلام جو تنزل اچي ويو. هن وقت اهو حال آهي جو مان جن جن پيرن ۽ بزرگن وٽ ويو آهيان تن ۾ ڪنهن قسم جو جوش ته ڪون ڏٺم پر انهن وٽ رڳو اسلام جي گفتگو به ڪانه ڏٺم. ڪهڙي نه ارمان جي ڳالهه آهي، جو گانڌي جهڙا ماڻهو پنهنجن خيالن جي لاءِ ايترو جوش تا رکن ۽ انهن تي پاڻ به عمل تا ڪن ۽ ٻين کي به اهو عمل تا ڪرائين، ۽ انهي ڪم ۾ ٻين جي ڀلي لاءِ سر ترڻ تي ڪنيون تا وتن. مگر اسان جا پير ۽ بزرگ پياري اسلام لاءِ به ايترو جوش ڪون تا رکن جيترو ٻيا ماڻهو رواجي خيالن لاءِ رکن تا. جيترو هنن کي ملڪي حالت لاءِ درد آهي، تنهن جي هزارين پتي به هنن کي اسلام جي بربادي تي افسوس ڪون ٿو ٿئي. هو ٻين جي واسطي پنهنجو گهر ٻار، جند جان قربان ڪري رهيا آهن، ۽ هي دعوتن ۽ نذرانن جي ۽ عيش عشرت جي وسيلي ٻين جو گهر ٻار قربان ڪري رهيا آهن. پر دعوتن ۽ نذرانن جي عيوض ۾ هنن کي اسلام سيکارين ته به چڱو! باقي پير ۽ رهبر ڇا ۾ ٿيا آهن؟

پير جو لفظ عربي ناهي. خبر ناهي ته اڄوڪي نموني جي پيري مريدي جو رواج ڪڏهن پيو؟ اڳي بيعت اسلام جي ورتي ويندي هئي، جيئن رسول الله ﷺ جي بيعت وٺڻ جو بيان مٿي اچي چڪو آهي، جڏهن جڏهن ڪو مسلمان ٿيندو هو تڏهن کيس اسلام سيکاريو ويندو هو، ٻئي قسم جي بيعت ملڪي هوندي هئي، يعني جو خليفو خلافت جو مالڪ ٿيندو هو تنهن جي تابعداري جو اقرار ڪيو ويندو هو، بلڪ ملڪي ۽ اسلامي ٻئي بيعتون هڪ ٻئي سان شامل ۽ ڳنڍيل هيون، مگر اڄوڪي بيعت بلڪل ٻئي نموني جي آهي.

ڪجهه وقت ڪان پوءِ وري تصوف جا نوان طريقا نڪتا انهن جي سکڻ لاءِ استاد يا مرشد وٺڻو پوندو هو، شايد پيري مريدي جو رواج ان مان وڌيو. سچو مرشد اهو آهي جنهن کي ايماني قوت يا روحاني جذبو تيز هجي، ايترو تيز هجي جو ان جي جوش ۽ صداقت واري تقرير ۽ گفتگو ٻين کي به ايماني قوت سان لبريز ڪري ڇڏي. مگر ان قسم جا مرشد اڄ ڪون تا ڏسجن، نڪي وري ماڻهو انهي نيت سان پيرن وٽ تا وڃن. اي الله سائين! اسان ۾ روحاني جذبي ۽ ايماني قوت ۽ صداقت ۽ جوش وارا مسلمان پيدا ڪر، جيڪي عوام الناس ۾ وري نئين سر صداقت جو روح ڦوڪين. آمين

## اڄوڪا بزرگ ۽ سچي بزرگي

اڄ ڪلهه مڪانن ۾ ٻنگ ٻپاڪ درويشن جي به وڏي عزت ڪئي ٿي وڃي، بلڪ کين ولي به سمجهيو ٿو وڃي. ڪي پير صاحب اهڙا به آهن جيڪي زنا ڪن، چوريون ڪرائين، خون ڪرائين، پراوا حق ۽ ملڪيتون کائين، جهيڙا ڪرائي رشوتون وٺن وغيره وغيره ته به پير تا سڏجن. انهن کي ماڻهو پيرين تا پون ۽ ٻارهين ٻارهين مهيني ڏن تا ڏين. مسلمانن جي مرده حالت جون ثابتيون هزار آهن، پر هيءَ هڪڙي به ڪافي



سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

آهي ته ماڻهو اهڙن ردي درويشن ۽ پيرن جي اڳيان به ڍيري تي پيا آهن.

انهن کي ڇڏي اسان انهن بزرگن جو بيان ٿا ڪيون جيڪي انهن کان گهڻو چڱا آهن، مگر بزرگي اجا ٻي شيءِ آهي. اڪثر ڪري چيو ويندو آهي ته فلاڻو ڏاڍو نيڪ آهي، سڄو ڏينهن مسجد ۾ تسبي ڪنيون الله جو نالو وينو وٺي. پوءِ روزگار ڪيئن ٿو ٿئيس؟ چي الله مالڪ آهي، جي بندا سندس نالو وٺندا تن کي ڇڏي ڏيندو؟ الله سائين ماڻهن جي دلين ۾ صدق ٿو وجهي، سي پاڻهي گهر ويٺي ڪيس ڏئي ٿا وڃن. منهنجي خيال ۾ ته ائين ٿو اچي ته اسلام موجب هيءَ تعريف ناهي پر گلا آهي. تسبي سورڻ کان اسلام سکڻ ۽ سيکارڻ ۾ وڌو ثواب آهي، وٺڻ کان ڏيڻ ۾ ثواب آهي. ٻين جي ڀڳهر جي ڪمائيءَ تي گذران ڪرڻ کان پاڻ ڪمائي ٻين کي ڏيڻ وڌيڪ افضل آهي. بعضي وري چيو ويندو آهي ته فلاڻو راتين جون راتيون ولين جي مقبرن تي وڃي جاڳندو آهي ۽ فلاڻو لک يا ڪروڙ صلواتون ڪيندو آهي. صلوات پڙهڻ ۾ ته وڏو ثواب آهي پر ان بابت مفصل بحث پوءِ ڪيو ويندو. هت فقط ايترو چوڻ مناسب ٿو سمجهان ته نماز، روزو، تسبي، وظيفا ۽ صلواتون تڏي چانو ۾ ادا ڪرڻ ۽ ان جي عيوض ۾ پرائي ڪمائي تي گذران ڪرڻ، اهي ڪم وڌيڪ ڏکيا آهن يا ڪڙميءَ وانگر تڏيءَ ڪوسيءَ ۾ رات ڏينهن ڪم ڪرڻ يا ٽوڪرا ڪڻڻ يا مزوري ڪرڻ؟! وري حيرت جهڙي ڳالهه هيءَ آهي ته ڪيترائي ڪڙمي نماز به پڙهن ۽ روزا به رکن ۽ روزي سان سخت گرميءَ ۾ سخت ڪم به ڪندا وتن. انهن ويچارن جي ته تعريف ڪير ڪريئي ڪونه. اهي ته هنن بزرگن کان صدبار بهتر چئبا. ارمان جي ڳالهه آهي جو اهڙا ڪڙمي ماڻهو زاني ۽ بدڪار پيرن کي وڃي پيرين پون، ۽ پير پاڻ ڳاڙهيءَ ڪٽ تي ويهي هنن کي پٽ تي وهارين. ڇو نه انهن ڪڙمين کي کٽ تي وهاري، اهڙن پيرن کي چئجي ته سندن اڳيان پٽ تي وهن ۽ سندن پير ڌوئي پين؟

جيڪي اسان ۾ وڌيڪ سياڻا ۽ وڌيڪ پڙهيل آهن، سي انهن پيرن ۽ بزرگن ۾ ويساهه ٿا رکن ۽ انهن جي تعريف ٿا ڪن، جي سچ پچ سنڌ ۾ تمام ٿورڙا آهن. ڏهاڪو ڪن مس ٿيندا، انهن کي عزت بيشڪ ڏيڻ گهرجي پر حد کان ٻاهر عزت ڏيڻ به مناسب ناهي. اهي بيشڪ عزت جا لائق آهن ۽ هن قحط الرجال جي زماني ۾ غنيمت آهن. اهي شريعت جا پابند يعني نماز، روزن، زڪوات ۽ حج جهڙا ارڪان ادا ڪن ٿا، تهجد ۽ اشراق به ٿا پڙهن. ڪبيرن گناهن کان به پرهيز ٿا ڪن. پر بزرگي يا رهبري اجا به ٻي شيءَ آهي. هڪڙو نقص منجهن هي آهي ته هنن کي قوم جي اصلاح ۽ تبليغ جي نه قابليت آهي نه شوق آهي. حالانڪ قرآن شريف ۾ آهي ته توهان ۾ ڪي اهڙا ماڻهو هئڻ کپن جيڪي امربالمعروف ۽ نهي عن المنڪرڪن يعني ماڻهن کي چڱن ڪمن ڪرڻ جو حڪم ۽ بڇڙن ڪمن کان منع ڪن، اهيئي فلاح پائيندا. حضرت رسول ﷺ جتي جتي ماڻهن جو ميڙ ڏسندا هئا اتي ماڻهن کي الله تعاليٰ ڏي سڏيندا هئا ۽


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

حڪم احڪام ٻڌائيندا هئا. مسافرن جي قافلن ۾ ۽ ميلن ۾ وڃي تبليغ ڪرڻ فرمائيندا هئا. سنڌ ۾ مون ڪڏهن به نه ٻڌو آهي ته ڪو پير يا عالم ڪنهن ميلي ۾ ويو اتي وڃي اسلام ٻڌايائين يا جوا واري ڪي جوا کان منع ڪيائين يا رنڍين کي انهيءَ بد ڪم کان باز اچڻ جي هدايت ڪيائين. سنڌ ۾ هدايت ڪرڻ جا موقعا بلڪل گهٽا آهن. اڪثر ڪري شادي ۽ غميءَ تي گهڻا ماڻهو اچي ٿا گڏ ٿين ۽ ميلا ملاکڙا به جتي ڪٿي عام جام آهن. وڏن شهرن ۾ ڪٿي به ڪنهن ميدان تي بيهي الله اڪبر جو نعرو هڻي تي پيرا پڪارجي ته اچو الله ۽ الله جي پياري رسول مقبول ﷺ جا حڪم ٻڌو ته مان ٻانيان ٿو ته سؤ ماڻهو اچي ڪٺا ٿيندا. وري هن زماني ۾ نالي جي مسلمانن ۾ اصلاح ڪرڻ جي گهرج ايتري آهي جيتري ڪڏهن به ڪانه ٿي هوندي، ڇو ته اڄوڪا مسلمان هر طرح بگڙجي ويا آهن. اگرچه هيءُ فرض اولين آهي، ته به جيتري قدر ٿي سگهي اوتري قدر غير مسلمانن کي به اسلام ٻڌائجي، پر اهڙي سهڻي نموني سان جو هنن ۾ ڪشش پيدا ٿئي. پر هي سڀ ڪجهه تڏهن ڪري سگهجي ٿو جڏهن اسانجي بزرگن ۾ روحاني جذبو، ايماني قوت، علم ۽ عقل ۽ دنيا جي واقفيت هجي.

ٻيو نقص اسانجي بزرگن ۾ هي آهي جو هو نه رڳو دعوتون ٿا کائين ۽ پيسا ٿا وٺن پر ان سان گڏ عيش عشرت به ٿا وٺن. لڪين مسلمان اهڙا آهن جن کي ٿڌ کان بچڻ لاءِ پورو ڪپڙو ۽ بسترو موجود نه آهي، نه اهڙو گهر آهي جو مينهن کي روڪي سگهي، نه ايترو پيسو آهي جو بيماري جو علاج ڪرائي سگهي، ۽ نه اهڙي طاقت آهي جو ٻارن کي مڪتب يا اسڪول ۾ موڪلي سگهن. مگر هي سڀورا لڪين روپيه ماڻهن کان وٺي پنهنجي سک ۽ آرام تي خرچ ٿا ڪن. قرآن شريف ۾ پيغمبرن جي سچائي جو هڪڙو ثبوت پيش ڪيل آهي ته هو تبليغ جي عيوض ۾ ماڻهن کان ڪو اجر يا اجورو ڪونه ٿا گهرن. اها ڳالهه رسول الله ﷺ جي باري ۾ خواه ٻين پيغمبرن علهيم السلام جي باري ۾ ڪيترائي پيرا قرآن شريف ۾ آيل آهي، ”قُلْ مَآ اَسْـَٔلُكُمْ عَلَيْهِ مِنْ اَجْرٍ“ يعني انهن کي چئو ته مان انهيءَ لاءِ يعني اسلام سيکارڻ لاءِ اوهان کان ڪو اجورو ڪون ٿو گهران. هن مان ظاهر آهي ته تبليغ ڪندڙن جون هدايتون ۽ وعظ تڏهن اثرائتا ٿيندا جڏهن پاڻ ڪجهه به نه وٺندا. پر جيڪڏهن وٺن ته به وري انهن تي ماڻهن جي فائدي لاءِ خرچ ڪرڻ گهرجن. مثلن مسجد جي ڪم لاءِ يا مڪتب قائم ڪرڻ لاءِ وغيره وغيره. جيڪڏهن لاچاري حالت هجي ۽ تبليغ ۾ وقت صرف ڪرڻ ڪري پنهنجو ۽ پنهنجي اهل عيال جو روزگار نٿو ڪمائي سگهجي ته پوءِ اوتري قدر وٺجي جنهن مان نهايت سادو گذران ٿي سگهي.

قرآن شريف ۾ آهي ته، ”لَنْ تَنَالُوا الْبِرَّ حَتّٰى تُنْفِقُوْا مِمَّا تُحِبُّوْنَ“ يعني توهان چڱائي يا بزرگي کي تيستائين پهچي نٿا سگهو جيستائين خدا جي راهه ۾ خرچ نه ڪيو، اُن کي جنهن سان محبت ٿا ڪيو. ڏسو ته الفاظ ڪهڙا چٽا آهن. اسان جا بزرگ



سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڏيڻ جي بدران وٺن ٿا. اگرچه رسول الله ﷺ فرمايو آهي ته مٿيون (ڏيندڙ) هٿ هيٺئين (وٺندڙ) هٿ کان افضل آهي.

پهريائين اسان کي ڏسڻ گهرجي ته ماڻهو پيرن کي ڇو ٿا ڪارائين ۽ ڏين، ۽ ڪهڙيءَ نيت سان ٿا ڏين؟ اڪثر ڪري نيت اها آهي ته پير صاحب کي ڏيندس ته مون کان راضي ٿيندو، ۽ مون کي اهڙي دعا ڪندو جو منهنجي رزق ۾ برڪت پوندي، ۽ پير صاحب مون کي مشڪل وقت ۾ دنيوي طرح توڙي دعا جي وسيلي مدد ڪندو. جيڪي ٺڳ پير آهن تن جيڪي فقيرن ماڻهن ۾ اهڙا اثر وجهي ڇڏيا آهن جو هو قسم قسم جي نيت سان ڏن ادا ٿا ڪن. هو اهو خيال اصل ڪون ٿا ڪن ته صدقي ۽ خيرات جا وڌيڪ حقدار ڪير آهن. جنهن پير صاحب کي اسان ڏن ڏيون ٿا سو وڌيڪ مسڪين آهي يا اسان پاڻ ۽ ڪي ٻيا ماڻهو وڌيڪ مسڪين آهن. پير صاحب اسلام جي تبليغ ۽ خدمت ڪري ٿو يا نه ۽ پير صاحب سادي زندگي ٿو گذاري يا وڏا خرچ ٿو ڪري.

ٽي نهايت عاليشان اخلاق جيڪي اڄ ڪالهه عيب سمجهيا ٿا وڃن، سي رسول الله ﷺ ۽ اصحابن سڀني ۾ موجود هئا. مگر اسان جي بزرگن ۾ بلڪل ڪون آهن بلڪ اسان جا ليڊر، آفيسر ۽ زميندار ته بلڪل انهن جي خلاف آهن. اهي ٽي هي آهن، 1- سادگي 2- مساوات ۽ نماٽائي، 3- جان نثاري.

رسول الله ﷺ جن جي چلهي ۾ ڪيترائي ڏينهن باهه ئي ڪانه ٻرندي هئي، فقط کارڪون کائي پاڻي پي ڇڏيندا هئا. ڪٽڪ جي ماني ورلي کائيندا هئا نه ته جوَن جي ماني تي ئي گذرڪندا هئا. سندن پوشاڪ سادي ۾ سادي هئي. اڄڪلهه ڪڙمي ۽ مزدور به بهتر پوشاڪ ٿا پائين ڪپڙو ڦاٽندو هون ته پاڻ ئي اڳڙي وجهي پائيندا هئا، ۽ جتي ڇڄندي هين ته پاڻ ڪٽي ڳنڍ توپو ڏيئي ڇڏيندا هئا. ڪاٺيون ڪري ايندا هئا، ڪوڏر ڪٽي کوٽڻ جو ڪم ڪندا هئا، ٻهاري پائيندا هئا، ٻڪري ڏهندا هئا، بازار مان گهرج جون شيون وٺي پاڻ ئي کڻي ايندا هئا. اڪيلا گهمندا هئا، گهر جي جاءِ ۽ سامان نهايت سادو هوندو هو، پٽ تي سمهڻ کان عار ڪونه ڪندا هئا، تڏي تي اگهاڙي پنيءَ سمهي پوندا هئا، ايتري قدر جو پني مبارڪ تي تڏي جا نشان ٺهي پوندا هئا. ممڪن ته ناهي ته رسول الله ﷺ جن روضي مبارڪ مان ساڳي حالت ۾ اٿي اچن پر جيڪڏهن انهيءَ ساڳي سادگيءَ سان اٿي اچن ۽ اسان جي ڪنهن مسلمان ليڊر وٽ وڃن ته اڄوڪي اسلام جي حالت اها آهي جو ڪين دربان اندر رپورٽ ڪندا ته هڪڙو مسڪين توهان ڏي اچڻ ٿو گهري ته ليڊر صاحب فرمائيندو ته پڇوس ته ڪير آهي ۽ ڇا ٿو گهرجيس؟ جيڪڏهن ڪٽي اندر اچڻ ڏيندس ته به ڪرسي تي وهارڻ پنهنجي ماڳ، پر گلم تي وهڻ جي آڇ به ڪين ڪندن، ۽ بيٺي ئي چوندن ته ڇا ٿو گهرجي تو کي؟ جيڪڏهن چوندو ته مان توهان کي ڪي خدا جا حڪم ٻڌائڻ آيو آهيان ته ليڊر صاحب خفي ٿي چوندو ته مون کي فرصت ڪانهي وڃ هليو. جيڪڏهن پاڻ اصرار


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڪندا ۽ ڪجهه چوڻ لڳندا تہ پوءِ تہ غضب جو طوفان ڪڙو ٿيندو. توهان ڪي اعتبار نہ اچي تہ آزمودو وٺي ڏسو. هڪڙو وڏو عالم نيڪ بزرگ مسڪيني پوشاڪ ۾ نالي ٻڌائڻ ڪانسواءِ ڪنهن ليبر وٽ وڃي ۽ ڪيس سندس غير اسلامي ڪمن کان منع ڪري تہ پوءِ ڏسو تہ ان بزرگ جي ڏاڙهي نوڪرن هٿان ڪيئن ٿي پٽائي وڃي. حالانڪ سادگي اسلام جو شيوه آهي. رسول الله ﷺ فرمايو آهي تہ الفقر فخري يعني مسڪينائي منهنجو فخر آهي. پاڻ مسڪينن سان ڏاڍي حب ۽ پيار سان هلت ڪندا هئا. ليبرن ڪي ڇڏي، اسانجي وڏن ۾ وڏن پيرن ۽ بزرگن ڪي ڏسو تہ انهن ۾ سادگي جو گڻ ڪيتري قدر موجود آهي.

رسول الله ﷺ جي ٻئي خلق يعني مساوات ۽ نماٽائيءَ جي بہ حد ئي ڪانہ هئي. پاڻ اهڙي طرح ٻين ماڻهن سان رلي ملي ويندا هئا، جو ٻاهريون اڻ واقف ماڻهو ايندو هو تہ ڪيس پڇڻو پوندو هو تہ توهان ۾ فلاڻو ڪير آهي؟ ٻين ڪي اڳ ۾ ئي پاڻ سلام ڪندا هئا، ٻارڙن سان راند ڪندا هئا، سندن مٿي تي هٿ رکي پيار ڪندا هئا. ڪا بہ ٻڍي عورت گهٽيءَ ۾ ڪين ٻانهن کان جهلي بيهاري سگهندي هئي، ۽ پنهنجو ڏکهو احوال ٻڌائي مدد وٺندي هئي، مسلمان تہ ڇڏيو پر گستاخ ڪافرن سان گستاخي جو عيوض وٺڻ بدران نرمي ڪندا هئا. حاتم جو پٽ توڙي عيسائي هو، وٽن آيو تہ ڪيس وهڻ لاءِ گاديلو ڏنائون ۽ پاڻ پٽ تي ويهي رهيا، اها هئي سندن مساوات ۽ نماٽائي! مگر اسان جا ليبر ۽ معزز مسڪين ڪي پاڻ جهڙوسمجهڻ بدران گارين جا دس چاڙهيندا آهن. اسان جا پير مسڪينن سان نہ گڏ وهن نہ ساڻن گڏ ڪائن. قرآن شريف ۾ آهي تہ ڪل مومن اخوت يعني سڀ مومن ڀائر آهن. پر اسان جا چڱي ۾ چڱا بزرگ بہ مساوات ۽ نماٽائي ڪان عاري آهن. اسان جي اڪثر عالمن جو تہ خاص گڻ آهيئي هٺ ۽ وڏائي، حالانڪ رسول الله ﷺ فرمايو آهي تہ جنهن شخص ۾ هڪ داڻو بہ هٺ جو آهي سو بهشت ۾ نہ ويندو.

ٽيون عاليشان گڻ آهي جان نثاري. رسول الله ﷺ جن ۽ اصحابن سڀني جو مال، اولاد ۽ جان اسلام ۽ حق تان قربان هو. پنهنجي ذاتي غرض لاءِ نہ هو شاهوڪارن جي عزت ڪندا هئا ۽ نہ مسڪينن ڪي حقارت سان ڏسندا هئا. جيڪڏهن ڪو ساڻس زيادتي يا ظلم ڪندو هو ۽ پوءِ سندن قبضي ۾ ايندو هو تہ سزا ڏيڻ يا ملامت ڪرڻ بدران شفقت ڪندا هئا، ۽ اهڙي طرح دشمنن جون دليون وٺندا هئا، جنهن ڪري هو مسلمان ٿي پوندا هئا. حضرت علي رضي الله عنه بابت روايت آهي تہ جنگ ۾ ڪنهن ڪافر ڪي ڪيرائي خنجر هڻي مارڻ تي هئا تہ ان ڪافر سندن منهن مبارڪ ۾ پنهنجو پليت آب دهن اڇلايو. حضرت علي رضي الله عنه ڪيس هڪدم ڇڏي ڏنو. ڪافر پڇيو تہ هيءُ چا ڪيئي مون تہ سمجهيو تہ هاڻي مون ڪي ڇچري عذابن سان مارينديئن. پاڻ فرمايائون تہ اسان ڪي ڪنهن سان بہ ذاتي دشمني ڪانهي. جيڪڏهن انوقت مان تو ڪي ماريان ها


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

نه ذاتي دشمني سمجهي وجي ها، جو تو منهنجي طرف آب دهن اُڇلايو.

ان ڪافر تي ايترو اثر ٿيو جو هو مسلمان ٿي پيو، هي ڳالهه اڄ ڪلهه اسان جي بزرگن ۾ ورلي موجود آهي.

اهي تي ڳڻ هن وقت مسلمانن ۾ ورلي ڏسڻ ۾ ايندا، مگر ڪن ڪن غير مسلمانن ۾ ڏسجن پيا. منهنجا مسلمان ناظرين پائر مون کي معاف فرمائيندا جيڪڏهن مان هڪڙي غير مسلمان جو مثال ڏيان جو در حقيقت گهڻا اخلاق اسلام کان ئي سکيو آهي. مسٽر موهن لعل ڪرمچند گانڌي مسلمان ناهي، مگر هميشه حق جي تلاش ۾ رهيو آهي، جيڪي هن کي حق سمجهڻ ۾ آيو آهي، تنهن تي عمل ڪندو آهي، ۽ ان تي عمل ڪرڻ ۽ ان جي تبليغ ڪرڻ ۾ ڪنهنجي به پرواهه نه ڪندو آهي، ۽ نقصانن سهڻ لاءِ تيار رهندو آهي. هو ڪليو ڪلايو اسلامي دعائون عبادت طور پڙهندو آهي، ۽ چوندو آهي ته اسلام سچو مذهب آهي، ۽ اسلام جو پيغمبر سچو آهي، ۽ پڻ چوندو آهي ته مان پنهنجا ڪيترائي اصول ۽ ڳڻ اسلام کان سکيو آهيان. سندس زندگي ڏسبي ته مٿي بيان ڪيل ٽي عاليشان ڳڻ 1- سادگي 2- مساوات ۽ نماڻائي 3- جان نثاري گهڻي قدر منجهس موجود آهن. اها کهڙي نه ارمان جي ڳالهه آهي جو اسلامي اخلاق ڪن غير مسلمانن ۾ موجود آهن، مگر اسان جي بزرگن ۾ موجود نه آهن. ڇو نه آفرين ڏجي اهڙن غير مسلمانن کي ۽ ڇو نه ارمان ڪجي پنهنجي حالت تي جو اسلام جي عاليشان تعليم هوندي به اسان هر طرح بگڙيل آهيون.

ڪي ناظرين پڇندا ته جيڪڏهن گانڌي اسلام ۽ باني اسلام ﷺ کي سچو تو سمجهي ته پوءِ مسلمان ڇو نه ٿو ٿئي؟ انهي جو جواب هيءُ آهي ته گانڌي خواه ٻين ڪيترن غير مسلمانن بلڪ ڪن مسلمانن ۾ هڪ عجيب خيال ويٺل آهي، هو سمجهن ٿا ته نه رڳو اڳيان پيغمبر پر حضرت ﷺ جن به فقط پنهنجي پنهنجي ملڪ ۽ وطن لاءِ هئا. نون ملڪن ۽ نون وقتن ۾ نيون حالتون پيدا ٿين ٿيون، تنهنڪري ڪو به مذهب ڪامل ناهي. ائين سمجهڻ لاءِ هنن کي بلڪل ڪافي سبب آهن ڇو ته پوين بگڙيل عالمن اهڙا اهڙا عقيدا ٺاهيا آهن، جن ڪان سڀ ڪنهن عقل واري کي نفرت ٿي اچي. اهڙا هزار مثال ڏيئي سگهان ٿو، مگر هت فقط هڪ بيان ڪندس. بگڙيل عالمن جو خيال آهي ته غير مسلمانن کي جبرن مسلمان ڪجي، نه مسلمان ٿين ته انهن کي قتل ڪرڻ گهرجي، مرتد کي قتل ڪرڻ بابت ته سندن اتفاق آهي. انهن عالمن کي جيڪڏهن چئجي ٿو ته اهو عقيدو خود قرآن شريف جي آيتن ۽ حضرت جن ۽ خلفاءِ راشدين جي قولن ۽ عملن جي خلاف آهي ته به نٿا مڃن. قرآن شريف جي آيت ”لَآ اِكْرَاهَ فِي الدِّيْنِ- يعني دين جي باري ۾ جبر ڪونهي.“ منسوخ ٿا سمجهن. حالانڪ ڪيترن اوائلي تفسيرن ان کي منسوخ ڪونه ڪيو آهي ۽ ڪوئي به عقل وارو قبول نه ڪندو ته جبر ڪرڻ مان ڪو فائدو نڪري ٿو سگهي. بلڪ ايترو نقصان ٿيندو جو



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

ڪروڙين حياتيون ضايع ٿينديون ۽ انهن جو نسل ئي نابود ٿي ويندو. ازانسواءِ جيڪي جبرن مسلمان ٿيندا سي ظاهري مسلمان هوندا، مگر اندروني طرح منافقن وانگر اسلام جي بيخ ڪني ڪرڻ جي ڪوشش وٺندا رهندا. سڄي غير اسلامي دنيا ۽ مسلمانن جي وچ ۾ هڪ عالمگير جنگ لڳي ويندي، جنهنجو نتيجو اسلام جو واڌارو نه ٿيندو پر دنيا جي تباهي ۽ خود اسلام جي تباهه ٿيندي.

قصو ڪوتاه اسان جي عالمن جي بگاڙي جو نتيجو اهو ٿيو آهي جو غير مسلمانن کي اسلام کان نفرت آهي. خود مسلمانن مان ڪيترائي پڙهيل مسلمان اندروني طرح اسلام کان ڦريل آهن ۽ عوام الناس ته رڳو نالي جا مسلمان آهن، نه اسلام جي خبر اٿن، نه وري سندن عمل اسلامي آهن. هو هر طرح بد اخلاق ۽ ذليل ۽ تباهه ٿي رهيا آهن. اسلام جي تبليغ جو رستو فقط هي آهي ته اسان نئين سر اصلاح ۽ سڌارو ڪيون. عملن مسلمان ٿيون، بدعتون ڪڍي رسول الله ﷺ ۽ سندس اصحابن سڳورن وارا اخلاق ۽ روش وٺون ته پوءِ غير مسلمانن ۾ از خود اسلام لاءِ محبت ۽ صداقت پيدا ٿيندي ۽ هو مسلمان ٿي پوندا. ڏسو، اوائلي زماني ۾ غير مسلمان فوجن جون فوجون ۽ ملڪن جا ملڪ مسلمانن جي روش ڏسي مسلمان ٿي پيا! هن وقت غير مسلمانن کي اٽلندو اسلام ۽ مسلمانن کان نفرت آهي. ان ۾ گهڻو ڏوهه اسان جو آهي نه سندن. تنهن هوندي به ڪيترن ئي غير مسلمانن کي آفرين آهي جو سڌيءَ طرح قرآن شريف ۽ اسلامي تاريخ پڙهي ڪجهه ڪجهه اسلامي تعليمات اختيار ڪن ٿا.

هن باب جي پڇاڙيءَ ۾ مان هڪڙو مثال ڪوڙي ۽ سچي تعريف جو پيش ٿو ڪريان ۽ اهو آهي امام اعظم رحمة الله عليه جو. سندس اهو ذڪر مولانا شبلي رحمة الله عليه جي ڪتاب سيرت النعمان مان اخذ ڪري پيش ٿو ڪريان. مولانا شبليؒ جا ٽي ڪتاب، 1- سيرت النبي يعني رسول الله ﷺ جي حياتي جو احوال. 2- الفاروق يعني حضرت عمر رضي الله عنه جي حياتيءَ جو احوال ۽ 3- سيرت النعمان يعني امام اعظم سڳوري جي حياتيءَ جو احوال آهي. ٽيئي ڪتاب خصوصاً پڙهڻ جهڙا آهن. مولانا شبليؒ لکي ٿو ته اسان جي تاريخ نويسن امام اعظم جي اخلاق ۽ عادتن جي جيڪا تصوير ڪڍي آهي تنهن ۾ خوش اعتقادي ۽ مبالغي جو ايتري قدر رنگ پريل آهي جو امام صاحب جي اصلي صورت سڃاڻي نٿي سگهجي. چاليهه سال سومهڻي جي وضوءَ سان صبوح جي نماز پڙهيائين، ٽيهه سال لاڳيتا روزا رکيائين، جتي وفات ڪيائين اتي ست هزار پيرا قرآن شريف ختم ڪيائين، ڪوف جي نهر ۾ شبه وارو گوشت جو ٽڪر پئجي ويو ته هن خيال جي ڪري ته اهو مڇين کاڌو هوندو ۽ مڇيون گهڻو وقت جيئريون رهن ٿيون ڪيتريءَ مدت تائين مڇي نه کاڌائين اهڙيءَ ئي طرح هڪ شبه جي ڪري ٻڪري جو گوشت کائڻ ڇڏي ڏنائين، سندس ذاتي خرچ فقط ڏهه آنا مهينو هو. اهي ۽ انهي قسم جا افسانا سندس بابت مشهور آهن، ۽ لطف هي ته اسان جا تاريخ نويس انهن دور


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

از ڪار قصن ڪي امام صاحب جي ڪمالات جو جوهر ٿا سمجهن، حالانڪ اهي واقعا نہ تاريخي اصول سان ثابت آهن، ۽ نہ انهن جي ڪري ڪنهن جي شرف ۽ شان جو واڌارو ٿي سگهي ٿو.

**نوٽ-** امام صاحب جن جيڪڏهن سنڌ جا رهاڪو هجن ها تہ پوءِ تہ سوين واهيات قصا ۽ هزارين ڪوڙيون ڪرامتن جون ڪهاڻيون بہ ٺاهيون وڃن ها).

امام صاحب جي دانشمندي دقيقہ سنجي ۽ نقعہ شناسيءَ تي جڏهن نظر ٿي پوي جنهنجو ثبوت بلڪل عيان موجود آهي تڏهن انهن واقعن تي مشڪل سان يقين اچي ٿو سگهي، جي رهبانيت ۽ بي اعتداليءَ جي حد ڪان بہ گهڻو ٻاهر آهن.

امام صاحب جي اخلاقي خوبين جي صحيح مگر اجمالي تصوير ڏسڻي هجي تہ قاضي ابو يوسف جي تقرير پڙهو جا خليفہ هارون الرشيد جي اڳيان ڪئي هوائين. خليفہ هارون هڪ موقعہ تي قاضي صاحب موصوف کي چيو تہ ابو حنيفي جون وصفون بيان ڪر، هن چيو تہ جيتري قدر مان ڄاڻان ٿو ابو حنيفي جا اخلاق ۽ عادات هيءُ هئا تہ نهايت پرهيزگار هو. منهيات ڪان گهڻو دور رهندو هو. اڪثر ڪري چپ رهندو هو ۽ سوچ ويچار ڪندو هو، ڪوئي شخص مسئلو پڇندو هو ۽ ڪيس معلوم هوندو هو تہ جواب ڏيندو هو نہ تہ خاموش رهندو هو. نهايت سخي ۽ فياض هو. ڪنهن بہ شخص وٽ ڪنهن ڪم لاءِ ڪونہ ويندو هو، انهي لاءِ تہ هيءُ ڪم ڪري ڏيو، يا هيءَ حاجت پوري ڪريو. دنيائي ماڻهن ڪان احتراز ڪندو هو. دنيوي مرتبي ۽ عزت کي حقير سمجهندو هو. غيبت يعني پرپٺ عيب جوئي ڪرڻ ڪان گهڻو پري ڀڄندو هو. جڏهن ڪنهن جو ذڪر ڪندو هو تہ چڱائي بيان ڪندو هو، تمام وڏو عالم هو ۽ مال وانگر علم جي صرف ڪرڻ ۾ بہ فياض هو.

هارون الرشيد اهو ٻڌي چيو تہ صالحين جا اهي ئي اخلاق هوندا آهن. عام ماڻهن جي نگاهہ ۾ هيءُ ڳالهيون گهٽي وقعت نٿيون رکن، مگر روحاني اوصاف وارا نڪتہ شناس ئي سمجهي سگهن ٿا تہ هي طرز زندگي ظاهر ۾ جيتري قدر سادي ۽ آسان آهي در اصل اوتري ئي قدر مشڪل ۽ قدر جي لائق آهي. (نوٽ. سنڌين کي تہ مٿين تعريف تمام خشڪ ۽ بيڪار نظر ايندي. قاضي ابو يوسف کي چوڻ گهربو هو تہ ڪروڙ صلواتون هر روز ڪيندو هو، قبرن تي قرآن شريف جا ختما ڪيندو هو، چاليها ڪيندو هو، لکين ماڻهو تعويذ لکائڻ ايندا هئا ۽ سندس تعويذ اهڙا لڳندا هئا جو ڇا چئجي؟ ڪرامتن جا تجربا روزمره ڏسڻ ۾ ايندا هئا، مئا جياريندو هو، پاڻ ڪوفي ۾ ئي هوندو هو تہ حاجي کيس مڪي شريف ۾ ڏسندا هئا، روزانہ رسول اللهﷺ جي پٺيان نماز ادا ڪندو هو، ڪنهن کي هڪ نظر سان ولي ڪري ڇڏيندو هو تہ ڪنهن کي هڪ پاراتي سان تباهہ ڪري ڇڏيندو هو. وغيره وغيره.)

امام صاحب اميرن ڪان نذر وغيره وٺڻ جي خلاف هو، ۽ دربار ۽ اميرن ڪان دور


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

رهندو هو. هن بي تعلقي مان هڪ وڏو فائدو هيءُ هو جو حق جي اظهار ڪرڻ ۾ ڪنهن جو دٻپ ڪونہ ڪندو هو. انسان ڪيترو بہ آزاد مزاج ۽ صاف چوندڙ هجي پر احسان اهو لڪل جادو آهي جو ان جي اثر ڪان بچڻ ناممڪن آهي. امام صاحب سڄي عمر ڪنهن جو بہ احسانمند نہ ٿيو ۽ انهيءَ ڪري سندس آزاديءَ ڪي ڪا بہ شيءَ دٻائي نہ سگهي. خليفو منصور ۽ سندس زال حره خاتون جي وچ ۾ ڪجھ شڪر رنجي ٿي پئي هئي. خاتونءَ ڪي شڪايت هئي تہ خليفہ عدل نٿو ڪري، منصور چيو تہ ڪنهن ڪي بہ امين ڪر. هن امام صاحب جو نالو ورتو. امام صاحب ڪي گهرايو ويو. خاتون پرده جي قريب ويهي رهي تہ امام صاحب جو فيصلو ڪري سو پاڻ پنهنجي ڪنن سان ٻڌان. منصور پڇيو تہ شرع موجب مرد ڪيترا نڪاح ڪري ٿو سگهي؟ امام صاحب چيو تہ چار، منصور خاتون جي طرف مخاطب ٿي چيو تہ ٻڌين ٿي؟ پرده مان آواز آيو تہ هائو ٻڌم. امام صاحب منصور جي طرف خطاب ڪري چيو مگر هيءَ اجازت ان شخص لاءِ خاص آهي جو عدل تي قادر هجي نہ تہ هڪ ڪان وڌيڪ نڪاح ڪرڻ چڱو ناهي. الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ، "فَإِنْ خِفْتُمْ اَلَّا تَعْدِلُوْا فَوَاحِدَةً" منصور چپ ٿي ويو. امام صاحب گهر آيو تہ هڪ نوڪر پنجاھ هزار درهمن جو ٿيلهو ڪٽي اچي حاضر ٿيو ۽ چيائين تہ خاتونءَ نذر موڪليو آهي. امام صاحب پيسا موٽائي موڪليا، ۽ خادم ڪي فرمايائين تہ خاتون ڪي چئجانءَ تہ مون جو ڪجھ چيو سو ڪنهن غرض سان ڪونہ چيم، بلڪ منهنجو منصبي فرض هو.

امام صاحب جو واپار نهايت وسيع هو، لکن جي ڏيتي ليتي هئي. گهڻن شهرن ۾ گماشتا مقرر هئا، وڏن وڏن سوداگرن سان معاملو رهندو هو، اهڙي وڏي ڪارخاني هوندي بہ ديانت (ايمانداري) ۽ احتياط (خبرداري) جو ايتري قدر خيال رکندو هو جو ناجائز طور هڪ داڻو بہ ان جي خزاني ۾ نہ پئجي سگهندو هو. اهڙي احتياط جي ڪري ڪڏهن ڪڏهن نقصان بہ سهڻو پوندو هون، مگر ان جي ڪجھ بہ پرواه ڪانہ ڪئي ويندي هئي. هڪڙي ڀيري حفص بن عبدالرحمان ڏي خز جا ٿاڪيا (ٿان) موڪليائين ۽ چوائي موڪليائين تہ فلاڻي فلاڻي ٿان ۾ فلاڻو فلاڻو عيب آهي، خريدار ڪي ٻڌائجان. هن ڪي هن هدايت جو خيال نہ رهيو، ٿان وڪڻي ڇڏيائين، ۽ خريدارن ڪي ان عيب جو اطلاع ڪونہ ڏنائين. امام صاحب ڪي معلوم ٿيو تہ نهايت افسوس ڪيائين، ٿانن جي قيمت جا ٽيھ هزار درهم ٺي سڀ خيرات ڪري ڇڏيائين.

هڪڙي ڏينهن هڪڙي عورت خز جو ٿان ڪڻي آئي تہ وڪڻائي ڏي. امام صاحب قيمت پڇي، هن سو رپيا ٻڌايا. پاڻ فرمايائين تہ گهٽ آهي. هن چيو تہ ٻہ سو رپيا. پاڻ فرمايائين تہ هي ٿان پنجن سون ڪان گهٽ نہ لهي. هن عجب ڪائي چيو تہ توهان شايد چرچو ٿا ڪيو! امام صاحب پاڻ پنج سو رپيا ڏنا ۽ ٿان وٺي رکيائين. هن احتياط ۽ ديانت ڪارخاني ڪي نقصان پهچائڻ بدران وڌيڪ چمڪائي ڇڏيو.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

تجارت ۽ دولت جي ڪمائڻ مان سندس مقصد زياده تر عوام کي فائدي پهچائڻ جو هو. جيترا دوست ۽ ملڻ وارا هوندا هئا تن سڀني جا روزينا مقرر ڪري ڇڏيا هئائين. شيخن ۽ محدثين جي واسطي تجارت جو هڪ حصو مخصوص ڪري ڇڏيو هئائين، ۽ ان مان جيڪو نفعو ٿيندو هو سو سال بسال انهن کي پهچائي ڏنو ويندو هو. سندس عادت هئي جو گهر وارن جي لاءِ ڪا شيءِ خريد ڪندو هو ته اوتريئي قدر محدثين ۽ عالمن ڏي به موڪلي ڏيندو هو. اتفاقن ڪو شخص ملڻ ايندو هو ته ان جو حال پڇندو هو، پوءِ جيڪڏهن هو حاجتمند هوندو هو ته ان جي حاجت روائي ڪندو هو. شاگردن مان جنهن کي تنگ حال ڏسندو هو تنهن جي خانگي ضرورتن جي پورائي ڪندو هو، انهيءَ لاءِ ته دلجمعي سان علم جي تحصيل ڪري سگهي. ڪيترائي اهڙا ماڻهو جن کي مسڪينائي سببان علم حاصل ڪرڻ جو موقعو ملي نٿي سگهيو سي امام صاحب جي دستگيريءَ سان وڏن وڏن درجن کي پهتا، قاضي ابو يوسف به انهن مان هو.

اهڙي دولت مندي ۽ عظمت ۽ شان هوندي به امام صاحب نهايت نماڻو، حليم ۽ خليق هوندو هو. هڪ ڀيري ڪنهن مسئلي بابت گفتگو ڪندي فرمايائين ته امام حسن بصري ان ۾ غلطي ڪئي آهي. مجلس ۾ هڪ اهڙو شخص هو جو امام حسن بصري جو معتقد هو، تنهن غصي ۾ اچي زور سان چيو ته اي فاحش عورت جا پٽ تون امام حسن کي خاطي ٿو ڪوٺين! سڄي مجلس کي انهيءَ تي جوش اچي ويو ۽ ارادو ڪيائون ته ان شخص کي مار ڪيون، مگر امام صاحب منع ڪئي. جڏهن ڪجهه وقت ماٺ رهي ۽ جوش ڍرو ٿيو تڏهن امام صاحب فرمايو ته ها امام حسن غلطي ڪئي آهي، ۽ عبدالله بن مسعود هن باري ۾ جا روايت ڪئي آهي سا صحيح آهي.

يزيد بن ڪميت جو بيان آهي ته هڪ دفعي مان امام ابو حنيفه جي خدمت ۾ حاضر هوس، هڪ شخص ساڻس گستاخي سان گفتگو شروع ڪئي. امام صاحب تحمل سان جواب پي ڏنا، ۽ هو شوخ پوندو پي ويو، تان جو امام صاحب کي زنديق ڪوٺيائين. تنهن تي پاڻ فرمايائين ته خدا توکي بخشي، هو خوب ڄاڻي ٿو ته منهنجي نسبت تو جيڪو لفظ چيو سو صحيح ناهي. امام صاحب پاڻ فرمائيندو هو ته مون ڪنهن تي لعنت نه ڪئي، ڪنهن کان به وير نه ورتم ڪنهن به مسلمان يا ذمي کي رنج ڪونه پهچايم، ۽ ڪنهن سان به فريب يا بد عهدي ڪانه ڪيم.

امام سفيان ثوري ۽ امام صاحب جي وچ ۾ ڪجهه شڪر رنجي هئي، هڪ شخص امام صاحب کي اچي چيو ته سفيان توهان کي گهٽ وڌ ڳالهايو آهي، امام صاحب فرمايو ته خدا مون کي ۽ سفيان ٻنهي کي بخشي. سچ هي آهي ته امام نخعي جي موجود هوندي به جيڪڏهن سفيان دنيا مان اٿي وڃي ته مسلمانن کي سفيان جي وفات تي ماتم ڪرڻو پوي.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

هڪڙي ڏينهن مسجد ۾ سبق پيو ڏنائين. ڪنهن شخص جنهن جي ساڻس دشمني هئي عام مجلس ۾ اچي ان جي بنسبت خراب لفظ ڳالهايا. پاڻ ڪجهه خيال نه ڪيائين ۽ تعليم ڏيڻ ۾ مشغول رهيو. شاگردن کي به منع ڪيائين ته هن ڏي خيال نه ڪريو. سبق پورا ڪري اٿيو ته اهو شخص به ساڻس گڏ هليو. ۽ جيڪي جيڪي پي وٽيس سو بڪندو پي ويو. امام صاحب جڏهن پنهنجي گهر کي ويجهو پهتو، تڏهن بيهي رهيو ۽ فرمايائين ته ادا هي منهنجو گهر آهي، باقي ڪجهه رهيل آهي ته چئي وٺ جو مان هاڻي اندر ٿو وڃان، پوءِ تو کي موقعو نه ملندو.

امام صاحب نهايت رقيق القلب (رحمدل) هو ۽ ڪنهن کي تڪليف ۽ رنج جي حالت ۾ ڏسندو هو ته بيتاب ٿي پوندو هو. هڪ دفعي مسجد ۾ ويٺو هو ته ڪنهن ماڻهوءَ اچي چيو ته فلاڻو شخص ڪوٺي تان ڪري پيو آهي. هڪدم اهڙي زور سان رڙ ڪري اٿيو جو مسجد ۾ ترٿلو پئجي ويو. درس جو حلقو ڇڏي پيرين اگهاڙو اٿي ڀڳو، ۽ ان جي گهر پهچي تمام گهڻي غمخواري ۽ همدردي ڪيائين. جيستائين هو بيمار هو تيستائين هو هر روز صبوح جو ويندو هو ۽ ان جي تيمارداري ڪندو هو. ايتري نرم دليءَ هوندي به پاڻ تي ڪا مصيبت ايندي هيس ته اهڙي استقلال سان برداشت ڪندو هو جو ماڻهن کي عجب لڳندو هو. آفيسرن ۽ درٻارين جي هٿان اڪثر هن کي تڪليفون پهتيون، مگر هن جي ثابت قدمي کي ذرو به لوڏو نه آيو. نهايت مضبوط دل رکندو هو ۽ ضبط استقلال گويا هن جي طبيعت هئي.

هڪڙي ڏينهن مسجد ۾ سبق پي ڏنائين اراد تمندن جي وڏي ٽولي موجود هئي. اتفاقن ڇت مان هڪڙو نانگ ڪريو، ۽ امام صاحب جي هنج ۾ اچي پيو. سڀ ماڻهو بي اختيار خوف ۾ ڀڄي ويا، مگر پاڻ اهڙي ئي آرام سان ويٺو رهيو جيئن اڳي ويٺو هو.

امام صاحب نهايت متقي ۽ زاهد هو. ذڪر ۽ عبادت ۾ ڪيس مزو ايندو هو ۽ وڏي ذوق ۽ خلوص سان ادا ڪندو هو. هن باري ۾ سندس مشهوري عام ٿي ويئي هئي. علامه ذهبي لکيو آهي ته هن جي پرهيزگاري ۽ عبادت جا واقعا تواتر جي حد کي پهچي ويا آهن. اڪثر ڪري نماز ۾ يا قرآن شريف پڙهڻ وقت رقت طاري ٿيندي هئي، ۽ ڪلاڪن جا ڪلاڪ روئندو هو. ابراهيم بصري جو بيان آهي ته هڪ دفعي فجر جي نماز ۾ مان امام ابو حنيفه سان شريڪ هوس، نماز پڙهندڙ امام هيءَ آيت پڙهي "وَلَا تَحْسَبَنَّ اللّٰهَ غَافِلًا عَمَّا يَعْمَلُ الظّٰلِمُوْنَ" يعني خدا کي ظالمن جي عملن کان بي خبر نه سمجهو. امام ابو حنيفه سان اهڙي حالت ٿي ويئي جو سڄو بدن ڪنبڻ لڳو. زايده چوي ٿو ته مون کي هڪ ضروري مسئلو دريافت ڪرڻو هو، امام ابو حنيفه سان سومهڻي جي نماز ۾ شريڪ ٿيس، ۽ منتظر رهيس ته نفلن کان فارغ ٿئي ته دريافت ڪريان. هو قرآن شريف پڙهندي پڙهندي هن آيت تي پهتو، "وَ وَقٰنَا عَذَابَ السَّمُوْمِ" بار بار ان آيت کي پي پڙهيائين تان جو صبوح ٿي ويو ۽ ساڳي ئي آيت پڙهندو رهيو.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

هڪڙي ڀيري نماز ۾ هي آيت پڙهيائين. ”بَلِ السَّاعَةُ مَوۡعِدُهُمۡ وَ السَّاعَةُ اَدۡهٰی وَ اَمَرُّ“. يعني قيامت گنهگارن جي وعده گاهه آهي، ۽ قيامت سخت مصيبت واري ۽ اڻ وڻندڙ شيءِ آهي. انهيءَ آيت ۾ رات ختم ڪيائين، بار بار پئي پڙهيائين ۽ رنو پئي.

يزيد بن ڪميت هڪ مشهور عابد ۽ امام صاحب جو همعصر هو. ان جو بيان آهي ته مان هڪ دفعي عشاءَ جي نماز ۾ ابو حنيفه سان شريڪ هوس. نماز پڙهائيندڙ امام اذا زلزلت الارض پڙهي. ماڻهو نماز پڙهي هليا ويا، مان ترسي پيس، امام ابو حنيفه کي ڏٺم ته ويٺي ويٺي ٿڌا ساهه پيو کڻي، مان اٿي آيس ته سندس مصروفيتن ۾ خلل نه پوي. صبح جو مسجد ۾ ويس ته ڏٺم ته غمزده ويٺو آهي، ڏاڙهي هٿ ۾ آهي، ۽ وڏيءَ رقت سان پيو چوي ته: ”اي الله سائين! تون جو نيڪي جي ذرڙي ۽ بديءَ جي ذرڙي ۾ بہ انهين جو بدلو ڏيندين. نعمان پنهنجي غلام کي آگ کان بچائجان.“ هڪڙي ڀيري بازار مان پئي ويو هڪڙي ڇوڪر جي پير تي پير اچي ويس، ڇوڪر ڪان رڙ نڪري ويئي ۽ چيائين ته تون خدا کان نٿو ڊڄين! امام صاحب بيهوش ٿي ويو. هڪ دفعو عادت موجب دڪان تي ويو، نوڪر ڪپڙن جا ٿان ڪڍي رکيا. ۽ چيائين خدا اسان کي جنت ڏئي. امام صاحب تي رقت طاري ٿي ويئي، ۽ ايترو رنو جو هنجون پسي پيون. نوڪر کي چيائين ته دڪان بند ڪر. پاڻ منهن تي رومال وجهي ڪنهن پاسي نڪري ويو. ٻئي ڏينهن دڪان تي ويو ته نوڪر کي چيائين ته ادا اسان اهڙا ڪٿي آهيون جو جنت جي آرزو رکون، اهو ئي گهڻو آهي ته الاهي عذاب ۾ گرفتار نه ٿيون! حضرت عمر فاروق رضي الله عنه بہ اڪثر فرمائيندو هو ته قيامت جي ڏينهن مون کي نه سزا ملي نه انعام ملي ته مان بلڪل راضي رهان.

هڪڙي ڀيري ڪنهن کي مسئلو ٻڌائي رهيو هو. هڪ شخص چيو ته ابو حنيفه! خدا کان ڊڄي فتويٰ ڏيندا ڪريو. امام صاحب تي هن جو ايترو اثر پيو جو چهري جو رنگ زرد ٿي ويو، ان شخص ڏانهن مخاطب ٿي چيائين ته ادا خدا توکي چڱي جزا ڏئي جيڪڏهن مون کي هي يقين نه هجي ته خدا مون کان پڇاڻو ڪندو ته ڄاڻڻ هوندي بہ علم کي چو لڪائيءِ مان هرگز فتويٰ نه ڏيان. ڪوئي مشڪل مسئلي اچي پوندو هو ۽ جواب معلوم نه هوندو هوس ته پريشان ٿيندو هو، ۽ انديشو ڪندو هو ته غالبن ڪو گناهه ڪيو اٿم، هيءَ ان گناهه جي شامت آهي. پوءِ وضو ڪري نماز پڙهندو هو ۽ استغفار ڪندو هو.

امام صاحب بابت هيءُ ٿورڙا اوصاف ۽ ٿورڙا واقعا بيان ڪيا اٿم. مولانا شبلي جو سڄو ڪتاب پڙهڻ وٽان آهي. امام صاحب جي ذهن ۽ فهم جي تيزيءَ جا مثال بہ بيشمار ڏنل آهن. مٿيون بيان فقط هن ڪري ڏنل آهي ته منهنجا سنڌي ڀائر ڏسن ته سچي بزرگي ڇا آهي، ۽ بيڪار بزرگي ڇا آهي؟ مٿين مثالن مان ڏسي سگهندو ته روحاني جذبو ۽ ايماني قوت ۽ خدا جو خوف ڇا آهي؟ رسول الله صلي الله عليه وسلم ۽


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

مشهور اصحاب سڳورن جي حالت ته اجا به اور هئي. اهي به امام صاحب وانگر واپار يا ڏنڌو يا مزوري ڪري گذران ڪندا هئا، وڏا سخي ۽ فياض هئا، وغيره وغيره. رسول الله ﷺ جن نماز پڙهندي ڪنهن اهڙي آيت تي ايندا هئا جنهن ۾ عذاب جو ڏڙڪو هوندو هو ته روئڻ ۽ سڏڪن ۾ ڪيتروئي وقت لڳي ويندو هون. ڪين پنهنجي پيروي ڪندڙ مسلمانن بلڪ ڪافرن جي لاءِ به سخت اونو رهندو هو. خود قرآن شريف ۾ الله تعاليٰ ڪين ٿو فرمائي ته تون پاڻ کي انهيءَ ڏک ۾ ماري ڇڏيندين ڇا جو هو ايمان نه ٿا آڻين؟ ڏسو ته ڪافرن جي ڀلائي واسطي ڪيترو ڪين خيال هو جو ڳڻتيءَ ۾ پاڻ کي پي ڳارڀائون. اسان جي بزرگن کي اسان جي تباهه حالت تي ذرو به افسوس ڪونهي، نڪي اسان جي سڌاري لاءِ باقاعده ڪوشش ٿا ونن.

ناظرينو! توهان جيڪڏهن اصحابن سڳورن ۽ تابعين ۽ تبع تابعين جا احوال پڙهو ته انهن ۾ به ساڳيا امام صاحب وارا اخلاق ۽ اوصاف نظر ايندا. مگر انهن بابت ائين ڪان پڙهندو ته فلاڻو ولي هو، (سڀ ڪو مومن شريعت تي هلندڙ ۽ چڱا عمل ڪندڙ ولي الله آهي جيئن خود قرآن شريف ۾ فرمايل آهي) يا شريعت کون اڳتي لنگهي طريقت جون منزلون لتاڙي معرفت ۽ حقيقت تي پهتو هو، فنافي الله هو، پهتل هو، امانت وارو هو، ڪرامت جو صاحب هو، يعني خرق عادت ڪري ڏيکاريندو هو، مئا جياريندو هو، غوث زمان، قطب دوران هو، يا قلندر هو، يا جبروت ملڪوت لاهوت لنگهي هاهوت مٿي رسيو هو، يا سلطان الا ذڪار جو ذڪر پڄائي انا الحق جو نعرو هنيائين، ان وقت سندس جسم کي تلوار هنئي ويئي ته ائين لنگهي ويئي جيئن هوا مان لنگهي وڃي، ۽ جسم کي ڪجهه به نه ٿيو، يا ڪيس ملن مارائي ساڙائي درياءَ ۾ اڇلائي ڇڏيو ته گوشت جي ٽڪرن ۽ خاڪ ۽ پاڻي به انا الحق انا الحق پي ڪيو، يا ڪم باذني چوڻ سان ٻار کي جيئرو ڪرڻ ڪري ملن سندس ڪل لهرائي ته به گهمندو ڦرندو رهيو، ۽ سج مٿان لهي ايندو هو جنهن جي تَو تي طعام تيار ڪري کائيندو هو، اهڙي تعريف اوائلي مسلمانن جي بلڪل لکيل ڪانهي. انهي مان ائين سمجهبو ڇا ته اوائلي مسلمانن ۾ ڪجهه به ڪين هو، پويان انهن کون وڌيڪ هئا؟ اڄ ڪلهه ڪندو، ڪرڙ، توت، ونگو، ميهو سڀ ولي ۽ ڪرامت جا صاحب پيا سڏجن، ۽ انهن بابت هزارين ڪرامتون بيان ڪيون ٿيون وڃن، مگر منجهن اصحابن سڳورن جي عملن ۽ اخلاقن جي بوءِ به ڪانه ٿي ڏسڻ ۾ اچي. ناظرينو خدا جي واسطي اکيون پٽيو، فريبن ۽ ٺڳين ڪان بچو قرآن ۽ حديث جو مطالعو ڪيو رسول الله ﷺ ۽ اصحابن سڳورن وارا عمل ڪريو ته الله تعاليٰ توهان کي بخشي ۽ ڪامياب ڪري!

## ڪلمو شريف


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

ڪلمي شريف جو بيان اڳ به اچي ويو آهي. وري به تاڪيد ڪري ٿو چئجي ته ڪلمي شريف جي معنيٰ سمجهڻ گهرجي، ۽ هر وقت ان جي معنيٰ تي غور ڪري ان کي پڙهجي، ڇو ته عملن جو مدار ان جي معنيٰ تي آهي، ۽ اسلام جو سچو مدار توحيد تي آهي. هڪڙي ڪرستان جارج سيل جنهن قرآن شريف جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي سو ديباچي ۾ لکي ٿو ته:-

لا اِلٰهَ اِلا اِللّٰه ۾ سچو اسلام سمايل آهي. توحيد جو ضد شرڪ آهي جو سڀني گناهن کان وڏو گناهه ۽ سڀني ظلمن کان وڏو ظلم آهي. شرڪ جو بيان مولوي دين محمد صاحب وفائي جي ڪتاب توحيد الاسلام ۾ چڱيءَ طرح بيان ڪيل آهي. ان ڪتاب جي ڪن ڳالهين تي ڪن عالمن جو اعتراض آهي. اُنهن عالمن کي گهرجي ته اُنهن اعتراض وارين ڳالهين کي جدا ڪري باقي جيڪي ڳالهيون سچ پچ شرڪ آهن تن بابت عوام الناس کي رات ڏينهن ڪري سمجهائين ڇو ته هن زماني ۾ شرڪ بلڪل زور وٺي ويو آهي. مولوي صاحب حڪيم فتح محمد جي تازي تصنيف نورالايمان ۾ پڻ شرڪ ۽ بدعتن جي تمام سهڻي سمجهاڻي ڏنل آهي.

سچو موحد اهو آهي جو حق چوڻ ۾ ۽ حق تي هلڻ ۾ نه پنهنجي حرص و هوائن جا خيال رکي، ۽ نه ڪنهن انسان کان ڊڄي، ۽ نه پنهنجي سر جو سانگو رکي. اڄ ڪلهه گهڻا عالم چوندا آهن ته اسان ڇا ڪيون، مجبور آهيون. جان بچائڻ فرض آهي، مصلحت کي ڏسڻو آهي وغيره وغيره! اها ڪمزوري آهي، دل ڪوڙي عذر گهڻا. اسان جيڪڏهن الله تعاليٰ جي ڪنهن حڪم جي خلاف ٿا هلون ته گويا شيطان کي ٿا مڃون نه الله تعاليٰ کي، شيطان کي معبود ٿا بنايون نه خدا پاڪ کي، پنهن جي حرص وهوس کي ٿا پوڄيون نه پنهنجي پالڻهار کي، ڪنهن انسان يا انسانن جو خوف ٿا رکون نه الله تعاليٰ جو.

اسلام ۾ ڪروڙين مسلمان پڪا موحد ٿي گذريا آهن، مگر هن وقت ڪو ورلي آهي. جيڪي به عالم مون ڏٺا آهن تن ۾ مرحوم مولانا الهيٰ بخش مون کي بلڪل متقي ڏسڻ ۾ آيو. هن ويچاري نڪي مريد ڪيا، نڪي پراون پيسن ۽ دعوتن تي گذران ڪيو. هميشه تعليم ڏيڻ ۾ مصروف رهيو. پڇي سگهندو هوس ته طالب علمن کي مدد پڻ ڪندو هو. سندس اخلاق اهڙا هئا جو مڪانن جي موالين سان به مرڪي ڳالهائيندو هو. ڪنهن سان ڇڙ ڪونه ڪندو هو. جيڪو گاريون ڏيندو هوس تنهن جو ڀئي ڏينهن منجهس ڪم پوندو هو ته ڏوراپي ڏيڻ کان سواءِ سندس ڪم ڪندو هو.

پر هڪڙي غير مسلمان جو مثال وٺو! مسٽر گانڌي پنهنجي خيال موجب ڏٺيءَ کي مڃيندڙ آهي، بتن يا سج چنڊ وغيره ۾ ايمان ڪونهيس، نڪي شري رامچندر ۽ ڪرشن مهراج کي ڀڳوان ڪري ٿو سمجهي. هن کي رڳو اها خبر ڪانه ٿي پوي ته قرآن شريف الله تعاليٰ جو ڪلام آهي ۽ ڪامل ڪلام آهي. پر تنهن هوندي به سندس


www.sindhsalamat.com

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

عملي قوت ته ڏسو، جنهن به ڳالهه کي حق ٿو سمجهي تنهن تي هڪدم عمل ٿو ڪري، پوءِ ان ۾ سندس گلا ٿئي ته ڀلي ٿئي ته چا ٺوڪبازي ٿئي ته ڀلي. سڄي دنيا خلاف ٿي پوي ته ڀلي، بلڪ سر به هليو وڃي ته ڀلي، اهڙو ماڻهو هڪ خدا کان سواءِ ڪنهن کان ڪونه ٿو ڊڄي. اسان مسلمان الله تعاليٰ جي پاڪ ۽ ڪامل ڪتاب ۾ ايمان ٿا رکون مگر مٿس عمل نٿا ڪريون. جيڪڏهن عمل ڪيون ته اسان جي حالت اعليٰ هجي. اهو ئي سبب آهي جو اصحابن سڀني کي دين ۽ دنيا جي بي انتها ڪاميابي نصيب ٿي.

## نماز

اڳي ئي چيو ويو آهي ته ڪلمي شريف، نماز وغيره کي هڪ منتر يا منڊ وانگر ادا ڪيو ٿو وڃي ۽ سمجهيو ٿو وڃي ته انهن ۾ جادو يا منتر جو اثر آهي. مثلا ڪنهن ماڻهوءَ کي نانگ ڪائيندو آهي ته جوڳيءَ کي آڻائيبو آهي. جوڳي منڊ پڙهندو آهي ۽ سمجهيو ويندو آهي ته اهو منڊ ماڻهوءَ کي شفا ڏئي ٿو. حقيقت ۾ سياڻا جوڳي پاڻ ئي چوندا آهن ته اسان منڊ پڙهڻ سان گڏ علاج ٿا ڪريون، مثلن زهر چوسي ٿا گيهه پياريون بصر ٿا کارايائون وغيره وغيره. ازان سواءِ منڊ به سر سان ٿا پڙهون جو بيمار کي وٽي ٿو. نه رڳو وٽيس ٿو پر هن کي جاهلائيءَ سببان ويساهه آهي ته اهو مونکي فائدو ڏئي ٿو، تنهنڪري سچ پچ به هن کي فائدو ٿيو وڃي، پير کان ويساهه ڀلو آهي. من ۽ خيال جو اثر بدن تي بلڪل گهڻو ٿو پوي، مسمريزم جو مدار به انهيءَ متي ۽ اصول تي آهي. چوندا آهن ته ٽريننگ ڪاليج ۾، ڪن شاگردن ڪنهن تجويز سان هڪڙي شاگرد کي تپ چاڙهي ڇڏيو، ۽ ٻين وري ساڳي قسم جي تجويز سان لاهي ڇڏيس، ”سوهيئن.“ هڪڙو شاگرد وٽس ويو ۽ چيائينس ته تنهنجو منهن ڦريل ٿو ڏسجي ٻيو ته خير آهي؟ گهڙي ڪن رکي وري ٻيو شاگرد وٽس لنگهي آيو ۽ رڙ ڪري چيائينس ته مار هي ڇا ٿي ويو اٿئي! لڱن تي هٿ لائي چيائنس ته توکي ته بخار آهي. وري گهڙي رکي ٽيون شاگرد ويس، انهيءَ به ساڳيو ڪم ڪيو. هن ويچاري شاگرد کي جو پڪ ٿيندي وئي سو سچ پچ تپ چڙهي ويس. ڪلاڪ ڪن رکي وري هڪڙو شاگرد ويس، ۽ چيائنس ته تپ ته ڪو ٿورڙو ٿو ڏسجي، اجايو سمهي پيو آهين. وري ڪجهه وقت رکي ٻيو وٽس ويو، ۽ وڃي نبض ڏسي چيايائنس ته اٿي ويهه چو مڪر ڪيو اٿئي، تپ ته ذرو به ڪونه ٿو ڏسجي. گهڙي رکي ٽيون شاگرد وٽس ويو سو ٻانهن کان وٺي گهلي ڪڍيائينس ٻاهر ۽ گهمڻ لاءِ وٺي ويس، تپ ته الائي ڪاڏي ويو. سو ويساهه جو اثر اهڙو ته آهي جو ڪنهن آمريڪن چيو آهي ته جيڪڏهن ڪا عورت پورو يقين ڪري ته بنا مڙس جي پيٽ ۾ ٻار به ٿي وڃيس. هي جو حال وجهندا آهن يا ٻيا ڪرشما ڪري ڏيکاريندا آهن سو رڳو هن ويساهه يا خيال جي طاقت جو اثر آهي. مگر چو هنن منترن ۽ منڊن يا انسانن ۾ ويساهه رکجي. چو نه اهو ويساهه رب پاڪ ۾


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

۽ ڪانئس دعا گهرڻ ۾ رکجي. اسلام جا احڪام جادو يا منتر ناهن پر انهن ۾ ظاهر ظهور فائدا رکيل آهن. قرآن ۽ حديث ۾ چٽائي ٿيل آهي ته نماز گناهن کان روڪڻ ۽ دل کي صفا ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيل آهي ۽ ائين به فرمايل آهي ته جيڪو سمجهه ۽ عقل سان نماز ادا نه ڪندو تنهن کي فائدو ڪونه پوندو. حديث سڳوري ۾ آهي ته جنهن کي نماز گناهن کان نٿي بچائي سو خدا تعاليٰ کان وڌيڪ ۽ وڌيڪ دور ٿو ٿئي. اڄ ڪالهه جي نماز، نماز ناهي پر ائين آهي جئين روح کان سواءِ جسم، بلڪ جسم کي به چڏي رڳو پاڇي کي پڪڙيو ويو آهي. حديث شريف ۾ آهي ته نماز اهڙي طرح پڙهو جو ڄڻ ته خدا کي حاضر ٿا ڏسو، پر جي ائين به نه ٿي سگهي ته ايتري ته پڪ رکو ته خدا تعاليٰ ته توهان کي ڏسي ٿو. اسان ۾ اها حالت ته ڪانهي پر رڳو جيڪي نماز ۾ پڙهون ٿا تنهن جي خبر ڪانهي ته ڇا ٿا پڙهون! هڪڙي دوست مون کي چيو ته اهڙيون ڳالهيون نه ڪر نه ته اسلام جو جيڪو پاڇو بچيو آهي سو پاڇو به گم ٿي ويندو. مون جواب ڏنو ته مان رسول الله ﷺ جا قول ٿو ڏيان نه پنهن جا. ازانسواءِ ائين چوڻ سان ڇو پاڇو به گم ٿي ويندو، ڇو ته ماڻهن کي وري احساس ٿيندو ۽ نماز اهڙيءَ طرح پڙهڻ جي ڪوشش ڪندا جهڙيءَ طرح پڙهڻ گهرجي. مان ائين ته ڪونه ٿو چوان ته چڱيءَ طرح نه پڙهي سگهن ته اصل نه پڙهن. مولوي صاحب چوندا آهن ته ماڻهو جاهل آهن، سڀ ته عربي ڪونه پڙهي سگهندا جو نماز سمجهي پڙهن. شوق ۽ عزم ڪونهي ته پوءِ عذر ڏيڻ بلڪل سولا آهن. ماڻهو جنن ۽ پرين جون ڳالهيون سکن ۽ ٻڌائين ٿا، غزل ۽ ڪافيون سکن ٿا، وڏا وڏا قصا پڙهن ٿا، باقي نماز جي الفاظن جي معنيٰ سکڻ يا سيکارڻ ۾ ڪهڙو جبل ٽاڪڻو آهي؟ هڪڙي ڏينهن بسم الله ٻئي ڏينهن الحمد الله ٽيئن ڏينهن رب العالمين وغيره جي معنيٰ سيکاريندو وڃجي ته سال جي 365 ڏينهن ۾ ڪيترو نه سکي وڃبو، ڏهن سالن ۾ ته خبر نه آهي ته ڪٿي وڃي نڪربو. مگر مولوين کي شوق ڪٿي آهي جو هو هر روز رڳا پنج منٽ جماعتن سان اها تڪليف وٺن يا پنهن جي شاگرد کي هر روز ڏهه منٽ اسلام جي تعليم ڏين. نماز شوق ۽ ذوق سان ۽ دل جي حضور سان تڏهن پڙهي سگهبي جڏهن الفاظن جي معنيٰ جي خبر هوندي. پوءِ جڏهن ڏينهن ۾ پنج ڀيرا الله تعاليٰ جي يادگيري ڪبي، سندس جلال ۽ عظمت ڳائبي سندس حڪم احڪام ۽ هدايتون دهرائبيون ته ڇو نه خدا جو خوف پيدا ٿيندو ۽ ڇو نه چڱن عملن ڪرڻ جا خيال پيدا ٿيندا.

جماعت سان نماز پڙهڻ تاڪيدي طور واجب آهي، بلڪ ڪن جو ته خيال آهي ته جيڪو سهولت هوندي به جماعت سان نماز نه پڙهي تنهن جي نماز ڪانه ٿي ٿئي. مگر مسجدن جو انتظام اهڙو ٿي ويو آهي جو جماعت سان نماز پڙهڻ مشڪل ڪم ٿي پيو آهي. سيني جماعتين جي صلاح سان پورو وقت مقرر ڪرڻ گهرجي. ان مقرر ڪيل وقت تي آذان ڏيڻ گهرجي، ۽ مقرر وقت تي اقامت پڙهي فرض جي نماز شروع ڪجي.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

آذان ۽ فرضي نماز جي وچ ۾ گهٽو وقت وجهڻ نه گهرجي نه ته ڏنڌن وارا جماعتي تنگ ٿي پوندا. صفائي سنائي رکڻ گهرجي جيئن جماعتين جا ڪپڙا ميرا نه ٿين. مسجدون هوادار هئڻ گهرجن، ڏکڻ ۽ اتر کان دريون ڪشاديون ۽ جام هئڻ گهرجن، مسجد جي اڳيان ڪشادو ميدان هجي، جتي گل ٻوٽا هٽڻ گهرجن ۽ چانو لاءِ وڻ هئڻ گهرجن هڪ حجر به هئڻ گهرجي، پوءِ اوطاقن ۽ مڪانن جي ضرورت ئي ڪانه رهندي.

مسجدن جي انتظام لاءِ باقاعده انجمن هئڻ گهرجي. اڄ ڪلهه جيڪڏهن ڪٿي انجمن آهي ته فقط ٻن ٽن معزز ماڻهن جي آهي. انهن ڪي جيئن وڻي تيئن ڪن، نڪي باقاعدي ميٽنگون ڪن، نڪو حساب ڪتاب ڏيکارين. انجمن باقاعدي هئڻ گهرجي. قاعدن جي ڇپايل ڪاپي مسجد ۾ موجود هئڻ گهرجي. آمدني ۽ خرچ جو ڪتاب جمعي جمعي ڏينهن مسجد ۾ ڪليل رکجي يا جماعتين کي پڙهي ٻڌائجي. آمدني لاءِ گهر گهر تي آنو يا ٻه يا چار آنا مقرر ڪجي. پيسن جي بچت مان سنڌي اسلامي ڪتاب آڻائجن، جي فرصت جي وقت ۾ جماعتين کي پڙهي ٻڌائجن. جماعتين جا فيصلا وغيره جماعتين مان چونڊيل ميمبرن جي بورڊ کي نبيرڻ گهرجن. علم ۽ تعليم جو انتظام رکڻ گهرجي وغيره وغيره.

## خطبو

اڄ ڪلهه جي مولوين جي گمراهي جو ثبوت هن کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو ملندو ته خطبي کي به هڪ ٻي معنيٰ منتر يا منڊ بنايو ويو آهي. ٻيا ته ڇڏيو پر هڪ وڏي ۾ وڏو بزرگ جمعي جي نماز پڙهائيندو آهي ته خطبو عربي ۾ پڙهائيندو آهي. ڪن عالمن جو خيال آهي ته جمعي جو خطبو عبادت جو ڀاڱو آهي، ۽ عبادت فقط عربيءَ ۾ ڪرڻي آهي، پر اهو خيال بلڪل غلط آهي. ڪين خبر نه آهي ته خود نماز به ٻين ٻولين ۾ جائز ٿي سگهي ٿي. الله تعاليٰ سڀئي ٻوليون ٿو ڄاڻي الله تعاليٰ وٽ ظاهري الفاظ قبول ناهن، پر دل ۽ نيت ۽ سمجهه ۽ سٺا خيال ۽ عمل مقبول آهن. پر ڪن خاص سببن ڪري نماز ۾ عربي ڪم آڻڻ مناسب آهي. پر ان ۾ ضرور آهي ته نمازين کي عربي الفاظن جي معنيٰ سکڻ گهرجي ۽ هر ڪوئي سکي سگهي ٿو، جيئن مٿي بيان ڪيل آهي. جن ڪتابن ۾ نماز جو بيان معنيٰ سان ڏنل آهي اهي ڪتاب پڙهڻ گهرجن. خطبي جو مقصد ته بلڪل ظاهر ۽ عيان آهي. خطبو انهيءَ لاءِ مقرر ڪيل آهي ته ماڻهن کي الله تعاليٰ جا احڪام ٻڌائجن، ايمان جون صفتون سيکارجن، ۽ وقت جي مطابق تي هدايتون ڏجن. رسول الله ﷺ ۽ خلفاءِ راشدين جي زماني ۾ خطبو نه رڳو جمعي جي نماز ۽ عيدن جي موقعي تي ڏنو ويندو هو پر جنهن به وقت ضرورت سمجهي ويندي هئي تنهن وقت خطبو ڏنو ويندو هو. خطبي ۾ اهي ڳالهيون ٻڌايون وينديون هيون، جن جي ان وقت جي جماعتين کي ضرورت سمجهه ۾ ايندي هئي. هن


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

وقت ضرورتن جو ته ڪو به لحاظ ڪونه ٿو ڪيو وڃي هرويرو به چيپيل ۽ ٺاهيل خطبا پڙهيا ٿا وڃن، پوءِ اهي انهن جماعتين لاءِ مفيد هجن يا نه به هجن. جيڪڏهن رڳو عربي ۾ خطبو پڙهيو ٿو وڃي ته جماعتين کي ان مان ڇا ٿو حاصل ٿئي؟ نه پڙهندڙ سمجهن نه ٻڌندڙ سمجهن. ڪن عيد جي موقعن تي مون خطبو ٻڌو آهي سو اهڙو آهسته پڙهيو ويو جو گويا ماڻهن جي لاءِ نه هو. ماڻهو سڀ اٿندا هليا ويا، خطبو ڪونه ٻڌائون. خطبو انهيءَ ٻوليءَ ۾ هئڻ گهرجي جا ٻولي اڪثر جماعتي سمجهي سگهن. اهو خطبو اهو ماڻهو ٻڌائي جنهنجو آواز بلند هجي ۽ اهڙي ڍنگ سان جو ماڻهن تي اثر چڱو ٿئي. خطبن ۾ عربي سان گڏ سنڌي نظم به شامل آهي، مگر نظم ۾ اڪثر گهٽ وڌ ڳالهيون ۽ مبالغو ڏسڻ ۾ ايندو آهي، ۽ جهڙيون ڳالهيون هئڻ ڪپن تهڙيون ڪونه هونديون آهن. ارمان جي ڳالهه آهي جو اگرچه رسول الله ﷺ ۽ خلفاءِ راشدين جا خطبا عربيءَ ۾ موجود به آهن ته به انهن جو ترجمو سنڌيءَ ۾ عالمن ڪونه ڪيو آهي. انهن جي نموني تي سنڌيءَ نثر ۾ خطبا ڏيڻ گهرجن، نه نظم ۾. خطبن ۾ قرآن شريف ۽ صحيح بخاري مان ٽڪرا ٻڌائڻ گهرجن، نه واهيات روايتون.

هڪڙي مولوي صاحب کي مون عرض ڪيو ته مهرباني ڪري خطبي ۾ سنڌي زبان ۾ ڪجهه هدايتون ڏيو. هن مهرباني ڪري ائين ڪيو. جنهن وقت عربي پي پڙهيائين تنهن وقت هرڪوئي جماعتي هٿ ٻڌيون ڪنڌ هيٺ ڪيون ويٺو هو، ڪن اوٻاسيون پئي ڏنيون ۽ ڪن کي ڊڪر پي آيا، پر جڏهن سنڌي نثر ۾ خطبو شروع ٿيو تڏهن مردن ۾ ساهه پئجي ويو، سيني جماعتن ۾ جنبش اچي وئي، بي اختيار هٿ ڇوڙي ڪنڌ مٿي ڪري مولوي صاحب ۾ اکيون کٽي وڌائون. هنن جا ڪن کلي ويا، دل ۽ دماغ ڪم ڪرڻ لڳا. هاڻي ٻڌايو ته اهڙو خطبو چڱو يا عربي خطبو چڱو؟ امير امان الله خان جڏهن بمبئي ۾ جمعي نماز جو خطبو ڏنو تڏهن پاڻ پارسيءَ ۾ پي ڳالهايائين ۽ سندس ترجمان اردوءَ ۾ ترجمو ڪندو پي ويو. جڏهن ثاني خطبي ۾ الله تعاليٰ جي درگاه ۾ التجائون ڪيائين، تنهن وقت ته هاءِ ڪري ڇڏيائين، سندس دل به ڀڄي پيئي ۽ جماعتي به بي اختيار رئڻ ۾ ڇٽڪي پيا!

## دعا

دعا عبادت جو مغز آهي. نماز جو مکيه ڀاڱو الحمد آهي ۽ الحمد جو به مکيه ڀاڱو دعا آهي. خطبي ۾ خواهه نمازن بعد دعا گهري ويندي آهي، پر امام سڀورو دعا گهرندو آهي عربيءَ ۾، سو به گهٽو ڪري چپن ۾ جئن ڪو ٻڌي نه. سنڌ ۾ هڪڙي وڏي ۾ وڏي بزرگ کي به چپن ۾ دعا گهرندو ڏٺم. دعا کي به منتر بنيايو ويو آهي. ضرور آهي ته دعائون سمجهه سان پڙهڻ گهرجن. جيڪڏهن عربي زبان سمجهه ۾ نه اچي ته پنهنجي ٻوليءَ ۾ گهرجن. دعائون اڪيلائي ۾ بنا آواز جي چپن ۾ به گهري سگهجن ٿيون ۽ بلند آواز سان به، بلڪ آهسته دل ۾ پڙهڻ افضل آهي. مگر جڏهن جماعت سان گڏ دعا گهرجي تڏهن ضروري جماعتين جي ٻوليءَ ۾ بلند آواز سان ۽


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

جوش ۽ صداقت جي لهجي ۾ دعا گهرجي، ۽ هر هڪ جملي جي پنيان جماعتين کي آمين چوڻ گهرجي. بلڪ جماعتي جڏهن دعا سمجهندا ۽ هنن کي وڻندي تڏهن بي اختيار آمين پڪاريندا. بهترين دعائون اهي آهن جيڪي قرآن شريف ۾ آهن، پوءِ اهي جيڪي صحاح سته ۾ ڏنل آهن. اهي سيئي مولانا رحيم بخش جي ڇپيل ڪتاب ۾ اڙدو ترجمي سان ڏنل آهن.

## روزا

الله تعاليٰ تو فرمائي ته روزا خاص منهنجي لاءِ آهن. انهيءَ جو مطلب آهي ته ٻيءَ عبادت ۾ رياءُ ٿي سگهجي ٿو يعني ماڻهن جي ڏيکارڻ لاءِ عبادت ڪري سگهي ٿي، مگر روزا اهڙا آهن جن ۾ ڪوڙو روزيدار ماڻهن کان لڪي پاڻي پي سگهي ٿو ۽ ڪائي سگهي ٿو، مگر هو خدا جو حڪم مڃي ائين نٿو ڪري. قرآن شريف ۾ فرمايل آهي ته توهان جي لاءِ روزا مقرر ڪيا ويا آهن ته من توهان پرهيزگار ٿيو ۽ خدا جا حق بجا آڻيو. حديثن ۾ به فرمايل آهي ته اهو روزيدار جو ڪوڙ، گلا ۽ گناهه وغيره نٿو ڇڏي تنهن جي روزن رکڻ تي الله تعاليٰ ڪجهه به ڌيان ڪونه ٿو ڏئي. هن مان سمجهي سگهبو ته روزن مقرر ڪرڻ جو مقصد اهو آهي ته انسان گناهن کان پرهيز ڪري ۽ چڱا ڪم ڪري. ٻيا مقصد به گهٽا آهن. پر اڄوڪي زماني ۾ ماڻهو روزن جو مقصد ڪونه هٿا سمجهن، تنهن ڪري پرهيزگار ڪو ورلي تا ٿين. ڇو ته هو روزي سان ئي ڪوڙ، گلا، نڱي وغيره وغيره جهڙا گناهه جا ڪم ڪن ٿا، ۽ صدقا ۽ خيراتون ڪونه تا ڪن.

اسلام جي هڪ خصوصيت اها آهي ته اسلام نه رڳو چڱن عملن ڪرڻ جو حڪم ٿو ڏئي پر اهڙي تربيت ٿو ڏئي جنهنجي وسيلي گناهن کان پرهيز ڪرڻ ۽ چڱن عملن ڪرڻ جي طاقت پيدا ٿي ٿئي. نماز ۽ روزا انهيءَ لاءِ مقرر ڪيل آهن. ڏسو ته جيڪڏهن رمضان جا 30 ڏينهن برابر رڳو جائز ڪمن ڪرڻ کان مثلن ڏينهن جي وقت کائڻ پيئڻ وغيره تان ئي پرهيز ٿي ڪجي ته پوءِ ڇو نه ٻارهن ئي مهينن لاءِ ناجائز ڪمن کان پرهيز ڪرڻ جي عادت پئجي ويندي. پر افسوس ته اڄ ڪلهه روزن جو مقصد به ڪونه ٿو سمجهيو وڃي، ۽ روزن ۾ گناهن کان به پرهيز ڪان ٿي ڪئي وڃي، پوءِ مقصد ڪيئن حاصل ٿيندو، اٽلندو روزيدارن کي فخر ٿو ٿئي ته مان سيئي روزا رکيا آهن تنهن ڪري منهنجا گناهه معاف ٿي ويا.

## زڪوات

زڪوات اهو عاليشان فرض آهي جو جيڪڏهن چڱي طرح ادا ڪجي ته قوم مصيبتن مان نڪري خوشحال ٿي پوي. مگر اڄ ڪلهه گهٽا ته زڪوات ڪين ئي ڪونه


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ٿا. جيڪي ڪين ٿا سي وري اهڙي طرح خرچ ٿا ڪن جو انهن جي زڪوات ڪڍڻ يا نہ ڪڍڻ هڪجهڙي ڳالهہ آهي. پنڻ واري بيان ۾ سمجهايو ويو آهي تہ خيرات جيڪڏهن عقل سان نٿي ڪجي تہ يا تہ قوم کي فائدو بلڪل ڪونہ ٿو ٿئي يا تہ فائدي جي بدران نقصان ٿو پوي. زڪوات جي بہ ساڳي حالت آهي. اسلام موجب زڪوات خانگي طرح ڪڍڻي ۽ خرچ ڪرڻي ناهي، پر اسلامي جماعت متفق ٿي پگهار دار عملدار مقرر ڪري جيڪي زڪوات اُڳاڙي بيت المال ۾ پيسا گڏ ڪن. پوءِ سيني جي صلاح مصلحت ۽ مشاورت سان انهن جي خرچ ڪرڻ جو انتظام رکجي. زڪوات جا پيسا خصوصن اسلام کي ترقي وٺائڻ لاءِ خرچ ڪجن، مثلن مدرسا قائم ڪرڻ، طالب علمن کي مدد ڏيڻ، تبليغ ڪرڻ، اسلامي ڪتاب مثلن قرآن شريف ۽ صحيح بخاري جو ترجمو ۽ تفسير ڇپائڻ وغيره وغيره تي خرچ ڪرڻ گهرجن.

## حج

ٻين ارڪانن وانگر حج بہ اهڙيءَ طرح ادا ڪيو ٿو وڃي، جو فائدي جي بدران نقصان ٿو پوي. حج فقط انهن تي فرض آهي جن کي راهہ خرچ موجود هجي ۽ پنهنجي ٻارن لاءِ بہ ڪافي سامان ڇڏي وڃي. اڄ ڪلهہ ڪيترا ماڻهو قرض ڪڍي حج تي ٿا وڃن، ۽ پنهنجو خانو خراب ٿا ڪن. ڪي وري ٻين کان پيسا وٺي حج ٿا ڪن. ڪي وري بنا پيسن حج تي ٿا وڃن. مسڪين عربن مان پني گذران ٿا ڪن، عربن جو ملڪ اڳيئي مسڪين، هيءُ حاجي سڳورا اتي وڃي مسڪينن، ڪي ڏيڻ بدران مسڪينن کي تڪليف ۾ ٿا وجهن. ماڻهن کي اها خبر ڪانہ ٿي پوي تہ جيڪڏهن ڪو شخص سچيءَ نيت سان حج لاءِ پيسا بچائيندو رهي پر تڏهن بہ ڪافي پيسا نہ ٿي سگهنس ۽ فوت ٿي وڃي تہ هو ڄڻ حج ڪري چڪو، يا بچيل پيسن مان گهرج وارن جي مدد ڪندو رهي ٿو ۽ اسلام جي ترقيءَ لاءِ پيسا خرچيندو رهي ٿو تنهن ڪري حج لاءِ هن وٽ ڪافي موجودات نہ ٿئي تہ بہ هو ڄڻ حج ڪري چڪو.

وڏيڪ خراب ڳالهہ وري هيءَ آهي تہ جيڪي حاجي حج ڪرڻ ٿا وڃن سي واٽ تي گناهہ ڪندا ٿا وڃن ۽ ڪندا ٿا اچن، ۽ موٽي اچڻ بعد ٻيڻا گناهہ ٿا ڪن. گويا ان پاڪ ملڪ مان گناهن جي اجازت ۽ سند حاصل ڪري ٿا اچن. افسوس آهي اسان جي حال تي جو اسان انهيءَ پاڪ زمين تي پنهنجا پليت پير رکون جنهن پاڪ زمين تي ٻنهين جهانن جي سردار ﷺ پنهنجا پير گهمايا. جنهن پاڪ زمين تي اسان جي ڇڱائيءَ لاءِ جفاڪشي ڪيائون، رات ڏينهن اسلام جي تبليغ ڪيائون، سختيون ۽ ظلم سَٺائون، انهيءَ پاڪ مٽيءَ تي جنهن رسول الله ﷺ جي مبارڪ پيرن کي چميو. تنهن تي اسان پنهنجا نالائق پير بہ رکون، ۽ رسول الله ﷺ جي نقش قدم تي نہ هلون سندس پيروي بہ نہ ڪيون، سندس نا فرماني بہ ڪيون پوءِ اهو حج ڪهڙي ڪم


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

جو ٿيو؟

حج روحاني طريقي جي آخري منزل آهي، جنهن ۾ حاجي گهر ٻار ڇڏي دنيا جو حرص ڦٽي ڪري تڪليفون سر تي سهي محبت سان ڀرپور ٿي اسلام ۽ مسلمانن جي لاءِ خود قرباني ڪرڻ لاءِ تيار ٿو ٿئي. جانور جي به جيڪا قرباني ڪئي ٿي وڃي تنهنجو سبق اهو آهي ته انسان ٻين جي ڀلائي لاءِ خود قرباني ڪرڻ جو گڻ سکي ۽ الله تعاليٰ جي محبت کان سواءِ ٻي سڀ محبت ڇڏي ڏئي، ۽ پنهنجي باقي حياتي اسلام ۽ مسلمانن جي ترقي لاءِ وقف ڪري ڇڏي.

## صلوات، تسبي ۽ وظيفا

اڄ ڪلهه ڪي ماڻهو صلوات سڄوري گهڙي پڙهندا آهن بلڪ لک لک ۽ ڪروڙ ڪروڙ صلواتن جا ڪيندا آهن. ڪي ته هر وقت تسبي هٿ ۾ ڪنيون صلوات پڙهندا وتندا آهن. ڪي وري پَتَ ۽ پيسن جي لالچ تي صلواتن پڙهڻ لاءِ آٽايا ويندا آهن. اڪثر ڪري ڪنهن ماڻهو کي ڪو مشڪل پوندو آهي ته ملن ۽ شاگردن وغيره کي آٽائيندو آهي ۽ کين چوندو آهي ته هيترين صلواتون ڪيو! پوءِ کين ڪارائي پيسا ڏئي خوش ڪندو آهي، تنهنڪري ملان ۽ شاگرد وڏيءَ خوشيءَ سان اهڙن موقعن تي صلواتون ڪيڻ ويندا آهن. گهڻو ڪري اڄ ڪلهه ڪن مرادن حاصل ڪرڻ جي نيت سان صلواتون ڪيون وينديون آهن. اصحاب سڳورا ڪي ايتري قدر صلواتون ڪيندا هئا؟ يا ڪي اهي نمونا اختيار ڪندا هئا جي مٿي بيان ڪيل آهن. هو صلوات جي معنيٰ سمجهندا هئا ۽ محبت جي جذبي سان ۽ دل جي ڪشش سان دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ پياري رسول مقبول ﷺ تي صلواتون ۽ سلام چوندا هئا.

صلوات پڙهڻ هڪڙي دعا آهي ۽ انجو مطلب آهي ته اي الله سائين! رسول مقبول ﷺ ۽ سندس آل ۽ امت تي رحمتون نعمتون ۽ برڪتون موڪل، ۽ دين ۽ دنيا ۽ ايمان جي سلامتي ۽ امن ۽ آرام بخش. جڏهن جڏهن پنهنجي لاءِ ڪا دعا گهرؤن تڏهن واجب آهي ته پهريائين رسول ﷺ تي صلوات ۽ سلام موڪليون. جڏهن جڏهن سندن نالو مبارڪ وٺون، تڏهن تڏهن دل جي سچائيءَ سان مٿن درود پڙهون. اسان کي گهرجي ته مجلسن ۾ اڪثر الله تعاليٰ جا حڪم بيان ڪيون ۽ رسول الله ﷺ جو ذڪر ڪيون ۽ مٿس صلوات ۽ سلام پڙهون. جيڪڏهن دنياوي ڳالهيون ڪيون ته به آخر ۾ ٿورو گهڻو الله ۽ رسول جو ذڪر ڪري صلوات ۽ سلام پڙهون ۽ هيءَ دعا پڻ پڙهون ”استغفر الله الذی لااله الاهوالحی القیوم وا توب الیه“ يعني مان گناهن کان انهيءَ الله تعاليٰ جي پناهه ٿو گهران جنهن کان سواءِ ڪو معبود ڪونهي جو هميشه جيرو ۽ هميشه قائم آهي ۽ مان ڏانهنس ٿو موٽان پويان لفظ ته ”ڏانهنس ٿو موٽان“ انهي موقعه لاءِ ڏاڍا مناسب آهن. ڇو ته انهيءَ مجلس ۾ اسان خدا کي وساري ڪي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

دنياوي ڳالهيون ڪيون تنهنڪري حق آهي ته اهڙين ڳالهين بعد وري الله تعاليٰ ڏي رجوع ٿيون.

تسبيءَ جو رواج اصحابن سڳورن ۾ بلڪل ڪونه هو. منهنجي خيال ۾ ائين ٿو اچي ته تسبيءَ ۾ رياءُ گهڻو آهي يعني تسبي هرڪوئي ڏسي ٿو، تنهنڪري گهڻا ماڻهو پاڻ کي پلارو ڪوناڻ لاءِ تسبي هٿ ۾ ٿا ڪڻن. چو نه اصحابن سڳورن جي روش اختيار ڪرڻ گهرجي ۽ تسبيءَ کي ڦٽو ڪرڻ گهرجي. صلواتون ۽ وظيفا محبت ۽ شوق سان پڙهڻا آهن نه ته پڙهجن ئي نه. پوءِ جيڪڏهن سچو پچو شوق ۽ جذبو آهي ته تسبي جو ڪهڙو ضرور آهي؟

وظيفا به اج ڪلهه مرادن حاصل ڪرڻ لاءِ منتر طور پڙهيا ٿا وڃن. نڪي انهن جي معنيٰ سمجهي ٿي وڃي، نڪي دل سان پڙهيا ٿا وڃن. انهيءَ لاءِ ڪونه ٿا پڙهيا وڃن ته انهن جو اثر دل ۽ دماغ تي پيدا ٿئي يا انهن تي عمل ڪرڻ لاءِ هر وقت انهن جي يادگيري رکجي. مثلن ڪنهن ماڻهو کي ڪوڙ ڳالهائڻ جي عادت آهي، اسان هن کي انهيءَ عادت کان باز رکڻ لاءِ چئون ٿا ته تون هيءَ آيت وظيفو ڪري پڙهندو رهه ته "لَّعۡنَتَ اللهِ عَلَى الۡكٰذِبِيۡنَ- يعني ڪوڙن تي الله تعاليٰ جي لعنت آهي." هاڻي جيڪڏهن هن کي معنيٰ نه سيکارجي ته هو اها آيت به پڙهندو وتندو پر ڪوڙ به ڳالهائيندو وتندو. پر جيڪڏهن ان جي معنيٰ سمجهندو ۽ ان تي اعتبار ڪندو ۽ سچي دل سان اهي بار بار پيو پڙهندو ته پوءِ ممڪن آهي ته گهٽي قدر ڪوڙ ڳالهائڻ کان پرهيز ڪندو.

اج ڪلهه ڪي ماڻهو وظيفا به صلوات وانگر بلڪل گهٽي قدر پڙهن ٿا. پر نڪي سمجهن ٿا نڪي انهن تي عمل ڪن ٿا. اصحاب سڳورا ايتري قدر وظيفا ڪونه پڙهندا هئا. هو گهڻو وقت قرآن شريف پڙهڻ تي صرف ڪندا هئا، پر قرآن شريف به سمجهي دل سان هنڊائيندا هئا ۽ ان تي عمل ڪندا هئا.

اج ڪلهه عمل لفظ جي معنيٰ به هڪڙي نئين ڪيي اٿن. چوندا آهن ته فلاڻي شخص کي فلاڻي آيت يا فلاڻي سورت (مثلن ياسين سڳوري) تي اهڙو عمل آهي جو اها پڙهڻ بعد جيڪي گهري سو مليس. مثلن جنن کي حڪم ڪري ته جن سندس خدمت ۾ حاضر ٿي سندس حڪم بجا آڻين، ۽ ڪوهه جي پاڻيءَ کي حڪم ڪري ته اهو مٿي چڙهي اچي وغيره وغيره. يعني آيتن، سورتن ۽ وضيفن ۾ جادو يا منتر جو اثر سمجهيو وڃي ٿو. عمل جي اها معنيٰ نئي سمجهي وڃي ته ان آيت يا سورت ۾ جيڪي الله تعاليٰ جا حڪم آهن تن جي تعميل ڪجي. افسوس ته اِهو آهي جو رڳو لفظن جي معنيٰ به ڦيرائي ابتڙ ڪئي ٿي وڃي.

## تقدير، دين ۽ دنيا، رزق، موت


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

تقدير جي مسئلي تي اڳ ئي بحث ڪيل آهي. حديث سڳوريءَ ۾ آهي ته انهي مسئلي جي پيچيدگين ۾ نه پئو انسان جو فرض آهي ڪوشش ڪرڻ ۽ الله تعاليٰ کان مدد ۽ فتح گهرڻ. انهيءَ ڪوشش جو ساب پوڻ يا نه پوڻ تنهن جو مدار الله تعاليٰ تي آهي. اڄ ڪلهه مسلمان چوندا آهن ته اسان سچا هن ڪري ٿيا آهيون، جو اسان ڪنيو آهي دين ۽ ڪافرن ڪنئي آهي دنيا. سندن خيال موجب دين ۽ دنيا مخالف آهن، پر ائين هرگز ناهي. قرآن شريف ۾ دعا آهي ته ”رَبَّنَآ اٰتِنَا فِي الدُّنْيَا حَسَنَةً وَّ فِي الْاٰخِرَةِ حَسَنَةً- يعني اي رب اسان جا! اسان کي دنيا ۽ آخرت جي چڱائي ڏي؟“ اهڙيون حديثون به ڪيتريون آهن جن ۾ رزق جي ڪشادگيءَ لاءِ سوال ڪيل آهي. هڪ حديث سڳوريءَ ۾ آهي ته ٻن قسمن جا انسان ريس ڪرڻ جا لائق آهن يعني اهي بلڪل چڱا آهن، هڪ اهي جيڪي دولت مند آهن ۽ دولت کي في سبيل الله خرچ ٿا ڪن، ٻيا اهي جيڪي علم وارا آهن ۽ علم في سبيل الله ٻين کي ٿا سيکارين. هاڻي ڪيئن چئبو ته دولت خراب شيءَ آهي؟ ٻي حديث آهي ته جيڪو دولت انهيءَ نيت سان ڪمائيندو ته پنهنجي اهل اولاد ۽ ٻين تي خرچ ڪيان سو قيامت جي ڏينهن اهڙو ٿي اٿندو جهڙو چوڏهين جو چنڊ. رسول الله ﷺ جن سستيءَ کان پناهه گهرندا هئا. جنهن جو مطلب اهو آهي ته اسان کي روزگار ڪمائڻ لاءِ محنتي ٿيڻ گهرجي. قرآن شريف ۾ اجايو خرچ ڪندڙن کي شيطان جا ڀائر سڏيو ويو آهي ۽ حڪم ڪيو ويو آهي ته نڪي ڪنجوس ٿيو نڪي هٿ ڦاڙ ٿيو. هنن آيتن ۽ حديثن مان معلوم ٿيو ته دولت لاءِ خوب ڪمائجي ۽ اسراف نه ڪجي ۽ دولت کي پنهنجي ۽ قوم جي ترقي لاءِ خرچ ڪجي. فقط هڪڙي ڳالهه آهي ته دنيا جي محبت سڀني خرابين جو بنياد آهي. محبت فقط الله ۽ الله جي رسولﷺ لاءِ هئڻ گهرجي ۽ خود دولت کي به خدا جي محبت ۾ خرچ ڪرڻ گهرجي.

هي جو چيو ويندو آهي ته رزق مقسوم آهي تنهن جو اهو مطلب ناهي ته ڪم نه ڪجي مٿان ڪري ويهي رهجي، ڀاڳهي رزق آسمان مان لهي اچي ملندو. جئن ڪيترن ئي قصن ۽ ڪهاڻين ۾ بيان ڪيو ويندو آهي، ائين هجي ها ته پيغمبر سڳورا ۽ اصحاب ڀلارا واپار ۽ ڏنڌا ۽ مزوريون نه ڪن ها.

ساڳيءَ طرح چيو ويندو آهي ته موت جو وقت مقرر آهي. تنهنڪري ڪيترا به حيلا ۽ علاج ڪبا ته به موت ضرور ان وقت ايندو، پوءِ چو حيلا هلائجن؟ اهو خيال به غلط آهي، موت جو وقت جيڪڏهن مقرر آهي ته به اهو علم الله تعاليٰ کي آهي. رسول الله ﷺ جن پاڻ علاج ڪندا هئا ۽ دعا به گهرندا هئا، ۽ اصحاب سڳورن کي به صلاح ڏيندا هئا ته بيمارين ۾ علاج ڪرايو.

## الدين يسر يعني دين سولو آهي

اڪثر ائين سمجهيو ويندو آهي ته شريعت تي هلڻ نهايت مشڪل بلڪ محال


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

آهي، آيتون ۽ حديثون انهي خيال جي ترديد ٿيون ڪن. جيڪڏهن ڪي تڪليفون آهن ته اهي ملن پيدا ڪيون آهن. الله تعاليٰ جيڪي به اسان تي ڪم رکيا آهن سي تڪليفون ناهن پر تفريحون آهن. انهن ۾ خوشي ۽ فائدو آهي، نه ڏک ۽ نقصان. الله تعاليٰ ڪي ظالم ڪونجي ها جيڪڏهن اسان تي تڪليفون رکي ها؟ پر هو رحيم ۽ ڪريم آهي ۽ اسان جي واسطي نعمتون ۽ پلايون ڪيون اٿس اسلام جي تعليمات تي غور ڪبو ته يقينن معلوم ٿيندو ته انهن تي عمل ڪرڻ سان اسان دنيا ۾ هر طرح خوشحال گذاريندا سين ۽ انهن جي مخالف هلت ڪرڻ سان هر طرح جنجال ۽ وبال ۾ گرفتار رهنداسين. هڪڙي حديث آهي ته ”الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته مون سان محبت اٿو ته پهريائين ذات انسان سان محبت رکو“. صحيح بخاري ۾ جرير بن عبدالله ڪان روايت آهي ته: ”مون رسول الله ﷺ جي بيعت هن اقرار سان ڪئي ته نماز پڙهندس، زڪوات ڏيندس، ۽ هر مسلمان جي خيرخواهي ڪندس“ ۽ پڻ روايت ڪئي اٿس ته: ”مون عرض ڪيو ته مان اوهان جي بيعت اسلام تي ٿو ڪيان، تڏهن پاڻ مون ڪان مسلمان ٿي رهڻ ۽ سڀ ڪنهن مسلمان جي خيرخواهي ڪرڻ جو شرط ورتائون ۽ مون ان تي بيعت ڪئي.“ مون مثال طور فقط اهي ٻه حديثون هن لاءِ پيش ڪيون آهن ته ڏسو ته اسلام جي تعليم تڪليف ڏيڻ لاءِ آهي يا فائدي ڏيڻ لاءِ آهي؟ دنيا ۾ محبت ڪان وڌيڪ ڪهڙي شيءِ آهي. اسان جي هڪ ٻئي لاءِ محبت ۽ خيرخواهي هجي ته دنيا بهشت بنجي پوي.

## شفاعت

قرآن شريف ۽ حديثن مان ثابت آهي ته رسول الله ﷺ جن بيشڪ شافع ۽ شفيع آهن ۽ محشر ڏينهن مومنن جي شفاعت ڪندا. پر انهي جو مطلب ماڻهن اهو سمجهيو آهي ته خدا جو خوف ڇڏي ڪهڙا به گناهه ڪيون ته به حضرت جن اسان ڪي دوزخ ۾ پوڻ ئي ڪونه ڏيندا، ڇو ته اسان مٿن ڪلمو پڙهيو آهي ۽ پاڻ شافع روز محشر آهن، اهو خيال بلڪل غلط آهي. خود اصحاب سڳورا ڪنبندا ۽ ڏڪندا ۽ رئندا ويا. اگرچه هنن چڱا عمل ڪيا ۽ اسلام تي فدا هئا. رسول الله ﷺ جي محبت ۾ ۽ سندن فرمانبرداري ۾ سر جو سانگو ڪونه رکيائون. ۽ رسول الله ﷺ ڪي پيارا هئا ته به ائين ڪونه چوندا هئا ته اسان شفاعت جي رستي ڇٽي ويندا سين ۽ اسان تي دوزخ جي باهه حرام آهي. متي پڙهي آيا آهيو ته ”اِذَا زُلْزِلَتِ الْاَرْضُ“ واري سورت امام اعظم سڳوري تي ڪيڏو اثر ڪيو ۽ ڪيترو خدا جي عذاب ڪان ڊنو ۽ خدا ڪان سوال گهريائين ته مونکي عذاب ڪان (محفوظ) رکي وٺجان.

امام اعظم رحمة الله عليه، حضرت عمر رضي الله عنه وانگر فرمائيندو هو ته مونکي جنت نه ملي ۽ رڳو عذاب ڪان ڇوٽڪارو ٿئي ته مان بلڪل راضي رهندس. مٿينءَ سورت ۾


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

فرمايل آهي تہ جيڪو هڪڙو ذرڙو نيڪيءَ جو ڪندو تنهن کي ان جو بدلو ملندو ۽ جيڪو هڪڙو ذرڙو بديءَ جو ڪندو تنهن کي بہ ان جو بدلو ملندو.

وري سورة القارعة ۾ فرمايل آهي تہ جنهن جا چڱا عمل ڳورا هوندا سو خوش گذاريندو ۽ جنهن جا چڱا عمل هلڪا هوندا سو هاويہ ۾ پوندو جو آهي ٻرندڙ باهہ. سورت التڪاثر ۾ بہ عذاب ۽ پڇاڙي جي پُلڪار آهي. ڏسو تہ هن قسم جي چٽين آيتن هوندي بہ شفاعت ۽ ڪن ٻين مسئلن جو اهڙو مطلب ڪڍيو ٿو وڃي جنهن ڪري ماڻهو بي ڊپا ٿي گناهہ جي پٺيان ڪاهي پيا آهن. نہ خدا جو خوف ٿا رکن نہ آخرت جي عذاب جو ڊپ اٿن. خود قرآن شريف ۾ هڪڙو نهايت سهڻو ۽ معقول اصول بيان ڪيل آهي تہ قرآن شريف ۾ هڪڙيون چٽيون آيتون آهن ۽ ٻيا مثال يا تشبيهون آهن. ڪنهن بہ صورت ۾ ڪنهن بہ آيت يا مسئلي جو اهڙو مطلب نہ ڪڍجي جو چٽين آيتن جي مخالف ٿئي. اسان جي ماڻهن رسول الله ﷺ جي شفيق هئڻ تي ايترو زور ڏنو آهي ۽ ايتري قدر اها تعريف قصيدن ۽ مولودن ۾ آندي ويئي آهي جو عوام الناس کي رڳو اسلام جي معلوم ڪرڻ جو چاهہ بہ ڪونہ ٿو ٿئي.

هاڻي سوال ٿو اٿي تہ شفاعت جو مطلب ڪهڙو آهي جو مٿين آيتن سان موافق هجي نہ مخالف؟ مان ڀانيان ٿو تہ اهو مسئلو بہ اهڙو پيچيده آهي جهڙو تقدير جو مسئلو. ان مسئلي تي بحث ڪرڻ اهڙو بي سود آهي جهڙو تقدير جي مسئلہ تي بحث ڪرڻ. اها ڳالهہ بلڪل ظاهر ۽ ثابت آهي تہ اسان ٻڇڙن عملن جو نتيجو ضرور ڏسنداسين ۽ اسان کي خدا ۽ آخرت جو خوف رکي چڱا عمل ضرور ڪرڻ گهرجن. الله تعاليٰ بہ تڏهن ٿو قبول فرمائي ۽ عذاب کان ڇوٽڪارو ڏئي جڏهن گناهن کي ڇڏي چڱن عملن کي ٿو وٺجي.

ڪتاب توحيد الاسلام ۾ شفاعت جو اهڙو مطلب ڪڍيل آهي جو خدا چاڻي تہ پورو آهي يا نہ، مگر ايترو تہ آهي تہ مٿين آيتن جي خلاف ناهي. لاهور واري مولوي محمد علي وري هيءُ مطلب ڪڍيو آهي تہ اهو لفظ شفع مان نڪتو مشفق ٿيل آهي. جنهن جي معنيٰ آهي ڪنهن شيءَ کي ٻيءَ سان جوڙي ڪرڻ، جيئن تاج العروس ۽ لين پول جي لغتن ۾ چيل آهي يا ان جي معنيٰ آهي ڪنهن شيءِ کي ان جهڙي شيءِ سان ڳنڍڻ جئين امام راغب جي مفردات ۽ لين پول جي ڊڪشنري ۾ سمجهايل آهي. شفاعت جو مسئلو هڪڙو مشهور مسئلو آهي جنهن موجب پيغمبر ۽ صالح قيامت جي ڏينهن گنهگارن لاءِ شفاعت ڪندا، پر شفاعت جو هڪڙو ٻيو مطلب هي آهي:

اهڙو رستو ڏيکارڻ يا تعليم سيکارڻ جنهن تي ٻيو هلي جنهن ڪري اهو ٻيو سچ پچ ڀرئين پاڻ لاءِ مثال ڪري ٿو وٺي ۽ ان سان پاڻ کي ڳنڍي ٿو ۽ در حقيقت شفاعت جي لفظ جي اصلي ۽ لغوي معنيٰ اها ئي آهي. اهڙيءَ طرح شفاعت مان بہ بہ مطلب ٿا نڪرن هڪ تہ شفاعت انسان کي نيڪي جي رستي تي يا صراط المستقيم


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

تي هلڻ جي لائق ٿي ڪري ۽ پيو ته ڪيس ڪن سندن نقصن يا قبحن جي خراب نتيجن ڪان پناهه ڏئي، جن نقصن يا قبحن تي پاڻ غالب پئجي نٿو سگهي. رسول الله ﷺ جن پهرئين مطلب موجب به اسان جا شافع آهن، ڇو ته هو اسان لاءِ بهترين مثال يا نمونو آهن. جيئن قرآن شريف ۾ فرمايل آهي ته، ”لَقَدْ كَانَ لَكُمْ فِيْ رَسُوْلِ اللهِ اُسْوَةٌ حَسَنَةٌ“ خدا ڄاڻي ته هي مطلب به پورو هجي يا نه هجي. پر منهنجا به ڪي ناقص خيال مهرباني ڪري ٻڌڻ فرمائيندا. رسول الله ﷺ جن مومنن جي شفاعت ڪندا يا سيني جي ڪندا، جيڪڏهن رڳو مومنن جي ڪندا ته مومن ڇا کي ٿو چئجي؟ قرآن شريف جون آيتون ۽ حديثون ڏسندو ته توهان کي معلوم ٿيندو ته اسان ۾ مومن ڪي ورلي آهن. سورت الحجرات جي پندرهين آيت ۾ فرمايل ته ”مومن اهي آهن جي الله ۽ سندس رسول ۾ ايمان آڻين ۽ ڪو شڪ نه آڻين ۽ الله تعالي جي راهه ۾ پنهنجي ملڪيتن ۽ جانين سان سخت ڪوشش ڪن. اسان پنهنجي ملڪيت ۽ جان سان ڪوشش ڪرڻ بدران پنهنجي غرض لاءِ ٻين جي ملڪيت ۽ جان جو نقصان ڪندا آهيون. هڪڙيءَ حديث سڳوري ۾ آهي ته مومنن جي سڃاڻڻ جي نشاني هي آهي ته جيڪڏهن چڱو ڪم ڪري ته ڪيس خوشي حاصل ٿئي ۽ جيڪڏهن بڇڙو ڪم ڪري وهي ته ڪيس پشيماني ٿئي. ٻي حديث ۾ آهي ته مسلمان اهو آهي جنهن جي هٿ ۽ زبان کان سڀ مسلمان سلامت هجن، هاڻي ٻڌايو ته اسان مومن ۽ مسلمان آهيون يا نه ۽ شفاعت جا اميدوار ٿي سگهون ٿا يا نه؟ اسان کي ته ڇڏيو پر جيڪي مومن آهن سي به ڪو شفاعت جوحق ڇڪي ڪونه ٿا وٺي سگهن. اسان کي جيڪڏهن مومن ۽ مسلمان ٿيڻو آهي ۽ الله تعاليٰ جي رحم ۽ رسول الله ﷺ جي شفاعت ۾ اميدوار ٿيڻون آهي ته اسان کي صراط المستقيم تي هلڻ جي ڪوشش ڪرڻ ضروري آهي، پر جيڪڏهن ڪو گناهه ٿي پوي ته اڳتي جي لاءِ توبه ڪجي ۽ سوال ڪجي ته الله تعاليٰ اهو گناهه معاف ڪري ۽ آئينده لاءِ اهڙي گناهه کان پناهه ڏئي، پوءِ بيشڪ الله تعاليٰ جي رحم ۽ رسول الله ﷺ جي شفاعت ۾ اميدوار رهجي.

## سچو تصوف ۽ اجوڪا ڪوڙا درويش

سچو صوفيانو طريقو اهوئي آهي، جو قرآن شريف تيرهن سو ورهيه اڳي سيکاريو. قرآن شريف هڪ ڪامل مڪمل الهيٰ صحيفو آهي جنهن ۾ سڀ ضروري هدايتون چٽيءَ طرح موجود آهن. قرآن شريف جي پهرين آيت جا نازل ٿي ساهيءَ آهي ”اِقْرَاْ بِاسْمِ رَبِّکَ الَّذِیْ خَلَقَ الخ“ انهي ۾ پڙهڻ ۽ لکڻ يعني علم جي فضيلت ۽ حڪم بيان ڪيل آهي. حضرت رسول ﷺ فرمايو آهي ته ”بعثت لاتمم مكارم الاخلاق“ يعني ”مان انهيءَ لاءِ نبي ڪري موڪليل آهيان ته اخلاقي خوبين کي ڪماليت وٺايان.“ مطلب ته اسلام دنيا ۾ علم ۽ اعليٰ اخلاقن کي ڪامل ڪرڻ آيو ۽ سچ پچ قرآن شريف اهڙو معجزو ڪري ڏيکاريو جهڙو ڪنهن به ڪتاب ڪونه ڪيو.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

يعني عربستان جي وحشي عربن کي نہ رڳو انسان بڻايو پر انهن کي اهڙي مهذب قوم بڻايو جهڙي دنيا ۾ نہ ٿي، نہ ٿيندي. عربن ئي سيني علمن ۽ فنن يعني موجوده سائنس جوعلم ايجاد ڪيو، جنهن کي يورپ زور وٺايو آهي. اخلاق ۾ عربن اهڙي ڪماليت حاصل ڪئي جو هو پنهنجو مال ۽ پنهنجي جان حق جي راهہ ۾ قربان ڪري ڇڏيندا هئا. دنيا ۽ دولت عيش ۽ آرام هنن کي بلڪل ڪونہ لالچايو. هنن جون دليون گناهن ۽ حرص ۽ هوس کان پاڪ ۽ صاف ٿي الله تعاليٰ جي نور سان منور ٿيون، هنن الله تعاليٰ جي قربيت حاصل ڪئي.

مگر يزيد جي زماني کان وٺي مسلمانن تي دنيا ۽ عيش پرستي غالب پوڻ لڳي ۽ جيترو ظاهري روزن ۽ نماز جا پابند هئا اوترو انهن جي مقصد يعني اخلاقن جي پاڪيزگي ۽ دل جي صفائي جو خيال نہ رکيائون. اهو حال ڏسي ڪن بزرگن هن بابت وعظ بہ ڪيا ۽ ماڻهن کي اخلاقن جي سڌاري جو تاڪيد ڪيائون؛ اهي صوفي سڏجڻ لڳا. انهن مان شيخ عبدالقادر جيلاني، شيخ جنيد بغدادي ۽ با يزيد بسطامي رحمت الله عليهم بلڪل مشهور ٿي گذريا آهن. امام غزالي ﷬ پنهنجي ڪتاب ۾ تصوف جي حقيقت ۽ فلسفي کي بلڪل چڱي طرح بيان ڪيو آهي.

ڪجھ وقت کان پوءِ خود تصوف ۾ بگاڙو پوڻ شروع ٿيو. ايران جا ماڻهو پنهنجي مُلڪي آب هوا ۽ مقوي غذا سبب نهايت عياش آهن. هنن کي شريعت جي پابندي تمام ڏکي لڳي. هندوستان سان تعلق ٿيڻ ڪري هنن کي هندو يوگين جو يوگ معلوم ٿيو. ان يوگ کي اسلامي الفاظن سان ملائي هڪ اهڙو رندانو طريقو پيدا ڪيائون جنهن ۾ شراب ۽ عشق بازي جائز ڪري ڇڏيائون ۽ تصوف جي آڙ ۾ حرام کي حلال ڪري روزي نماز وغيره کان بہ آزاد ٿيڻ لڳا. يوگ ۾ دم پچائي خيال کي يڪ جاءِ رکي پاڻ ۾ هڪ اهڙي طاقت پيدا ڪجي ٿي جنهنجي وسيلي ڪي اهڙا ڪم ڪري سگهجن ٿا جن کي ڪرامت سمجهيو وڃي ٿو. حقيقت ۾ اهو يوگ آهي. ڪي يورپي ماڻهو پڻ اهو ڪم سکيا آهن، هو ان کي هڪ سائنس ڪري ٿا سمجهن جنهن کي مسمريزم ٿا سڏين.

حقيقي تصوف اهو آهي جنهن ۾ علم ۽ اعليٰ اخلاق جي وسيلي دل صاف ٿي ڪجي. انهي معنيٰ ۾ وڏي ۾ وڏا صوفي پيغمبر سڳورا ۽ اصحاب سڳورا هئا. صاف دل ۾ الله تعاليٰ جو نور اهڙي طرح ٿو چمڪي جو سينو روشن ٿي ٿو پوي. حديث سڳوري ۾ آهي تہ جيڪڏهن الله تعاليٰ سان محبت رکڻ گهرو ٿا تہ پهريائين ذات انسان سان محبت رکو، ۽ قرآن شريف ۾ فرمايل آهي تہ جيڪڏهن الله تعاليٰ سان حب ٿا رکو تہ رسول الله ﷺ جي پيروي ڪريو. هاڻي چئبو تہ جيڪڏهن الله تعاليٰ جي حب جو مطلب آهي رسول الله ﷺ جي پيروي ڪرڻ ۽ ذات انسان سان حب رکڻ تہ پوءِ جيڪو اُنهي رستي الله تعاليٰ سان حب رکي تہ الله تعاليٰ بہ ان سان حب رکي ٿو، اهو


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

ماٺهو ولي الله يا الله تعاليٰ جو دوست ٿو ٿئي. الله تعاليٰ سندس دعا قبول ٿو ڪري ۽ ڪيس وقت بوقت الهام ٿو موڪلي. تنهنڪري ولي الله اهو ناهي جو يوگين ۽ جادوگرن وانگرن ڪرشما ڪري ڏيکاري، اگرچه هو روزو نماز به ادا ڪندڙ هجي. مگر حقيقي ولي اهو آهي جنهن جو بيان مٿي ڪيو ويو. قرآن شريف جيڪي ڪن ٻين آيتن ۾ به چٽوبيان ڪيل آهي ته اولياءَ ڪير آهن؟ هڪڙي آيت جو مطلب آهي ته الله جا اولياءَ اهي آهن جي مومن آهن ۽ صالح ڪم ٿا ڪن.

ڪوڙي تصوف جو نتيجو اهو ٿيو آهي جو جن ڪي قرآن مجيد ۽ حديث شريف جي هڪ لفظ جي به خبر ڪانه آهي، جيڪي شريعت تي هلڻ ۽ نماز ادا ڪرڻ ته پنهنجي ماڳ پر اٽلندو شريعت ۽ مولوين تي ٺوڪون ڪن، ڀنگ شراب وغيره پيئن ۽ خوبصورت ڇوڪرن ۽ زالن تي عشق پچائي بد هلتون ڪن، سي اڄ اولياءَ ٿا سڏجن. مسلمان به گمراهه ٿي انهن کان سڳا ڌاڳا ٿا ڪرائين ۽ پنهنجا گهر ڦري انهن کي ٿا ڏين. اهڙن درويشن جي قبرن تي هزارين مرد ۽ عورتون بي حجاب وڃن ٿيون ۽ هزارين خرابيون پيدا ٿيون ٿين. انهن درويشن جي اثر کان ماڻهو اسلام، قرآن شريف، روزي، نماز ۽ مسجدين کي ترڪ ڪري دائرا (پِڙ يا آستان) ۽ مڪان آباد ڪيون ويٺا آهن، جتي راڳ، چوپڙ، چرس ۽ ڀنگ جي ڌُمر لڳي پيئي آهي. انهن خرابين جو شمار ڪرڻ ۽ انهن جي نقصان جو اندازو ڪرڻ لاءِ جدا ڪتاب جي ضرورت آهي.

ڪي علم ۽ فهم وارا ماڻهو قبول ٿا ڪن ته اهڙا درويش ظاهر ظهور اسلام ۽ شريعت کي ترڪ ڪري شراب ۽ ڀنگ ٿا پيئن سي سچا صوفي ۽ اولياءَ الله هرگز نه آهن، مگر هو انهن کي ولي ٿا سمجهن جي روزو نماز به ڪن پر ان سان گڏ يوگ وارا طريقا پچائين. اهي چوندا آهن ته نمازون ۽ روزا هي پڻ چڱو ڪم - پر اوڪو ٻيو فهم - جنهن سان پسجي پرينءَ کي. اهو فهم سمجهندا آهن نفي ۽ اثبات جي ذڪرن پچائڻ کي جن جو بيان اڳتي ايندو. انهيءَ قسم جي ذڪر (در حقيقت انهيءَ کي ذڪر ته سڏيئي نٿو سگهجي.) جا چار طريقا مشهور آهن: (1) نقشبندي، (2) قادري، (3) چشتي، (4) سهروردي. سيئي عالم اهو طريقو رکندڙ يا نه رکندڙ قبول ٿا ڪن ته اهي طريقا حضرت رسول ﷺ جي زماني ۾ ڪو نه هئا. اهي طريقا نڪي پاڻ ۽ نڪي اصحابن سڳورن ڪيا. قرآن شريف يا حديثن يا فقہ ۾ هيٺيان اصطلاح ۽ الفاظ: فنافي الشيخ، فنافي الرسول، فنافي الله، عشق مجازي، عشق حقيقي، غوث، قطب، قلندر، ابدال، ملڪوت، جبروت، ناسوت، لاهوت، هاهوت وغيره وغيره موجود ئي ڪينهن. هو ائين به چون ٿا ته اهي طريقا بدعت آهن. مگر بدعت حسنه آهن (بدعت ڇئبو آهي مذهب ۾ نئين ڳالهه ڪڍڻ کي) مگر امام رباني رحمة الله عليه فرمايو آهي ته ڪا به بدعت حسنه ڪانهي. هڪ حديث شريف ۾ آهي ته ڪل بدعت ضلالت يعني ”سڀ بدعت گمراهي آهي.“ بدعت ڪڍڻ بابت اهڙيون سخت عذاب جون حديثون موجود آهن جو


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

پڙهندي هيانءُ ڏکي ٿو وڃي. پر جيڪڏهن متئين حديث سڳوري نہ هجي ها تہ بہ انهن سڳورن کان پڇو تہ انهيءَ بدعت کي ڪنهن بدعت حسنہ ٺهرايو؟ وڏن وڏن عالمن گڏجي ڪانفرنس ڪري ان بدعت کي حسنہ ٺهرايو، يا ازخود اها بدعت پڪڙجي ويئي. ڪي سڳورا تہ چون ٿا تہ اها بدعت ئي ناهي. هو چون ٿا تہ بدعت اها آهي جا اسلام جي مخالف هجي. پر جيڪڏهن مخالف نہ هجي تہ پوءِ توڙي نئين ڳالهہ هجي تہ بہ بدعت ناهي. هيءُ خيال تہ تمام عجيب آهي جو منهنجي ناقص فهم ۾ بلڪل ڪو نہ ٿو اچي. اسلام جي مخالفت تہ هونءَ ئي گناهہ يا ڪفر آهي، باقي بدعت جي بابت جو جدا هيترين سخت ۽ چٽيون حديثون آيون آهن سو ڇو؟

ڪي سڳورا فرمائن ٿا تہ رسول الله ﷺ جي زماني ۾ فقط سندن فيض واري نظر جي برڪت سان دليون صاف ٿي ويندڀون هيون. مگر پوءِ جڏهن وڏن بزرگن ڏٺو تہ ماڻهن جا قلب ڪارا ٿي ويا آهن تڏهن اجتهاد ڪري اهو طريقو ڳولي ڪڍيائون. هاڻي سوال آهي تہ اجتهاد ڪهڙين ڳالهين ۾ جائز آهي؟ هڪ حديث شريف ۾ آهي تہ پاڻ ڪريم ﷺ فرمائيندا هئا تہ ڪو بہ معاملو پيش اچي تہ قرآن شريف تي فيصلو ڪيو. قرآن شريف ۾ حڪم نہ ملي تہ منهنجي قولن ۽ عملن تي فيصلو ڪيو جيڪڏهن انهن ۾ بہ حڪم نہ ملي تہ پوءِ قياس ۽ عقل کان ڪم وٺو. هاڻي چئو تہ دل جي صفائي لاءِ قرآن شريف ۽ حديث شريف ۾ حڪم ڪونهي ڇا ۽ دين جو مقصد آهي ئي دل کي صفا ڪرڻ. پوءِ جيڪڏهن ان لاءِ قرآن ۽ حديثن ۾ هدايت ڪانہ هجي ها تہ پوءِ اهو دين ڪهڙي ڪم جو ٿيو. حقيقتن قرآن شريف ئي دل کي صاف ڪرڻ جو ڪامل ترين وسيلو آهي. قرآن شريف با معنيٰ پڙهبو، ان تي غور ڪبو ۽ ان تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪبي تہ دل صاف ٿيندي ويندي. خاص طرح هڪ حديث ۾ چٽائي بہ ٿيل آهي تہ سڀ ڪنهن شيءَ لاءِ ڪو نہ ڪو علاج مقرر ڪيل آهي ۽ دل جي صفائي لاءِ جا شيءِ مقرر ڪيل آهي سا آهي نماز. نماز ۾ بہ قرآن شريف ٿو پڙهجي، بيشڪ قرآن شريف ۽ حديثن ۾ ذڪر جو وڏو ثواب بيان ڪيل آهي، پر ذڪر اهو ناهي جو اڄ ڪلهہ جا درويش ٿا ڪن. اهو تہ خيال يا قلب جي هڪ ورزش آهي، جنهن ڪري خرابيون، جهڙوڪ وات مان گجي وهڻ، دل جي پريشاني ۽ دماغ جي ڪمزوري بلڪ بيهوشي بہ پيدا ٿين ٿيون. ذڪر جي معني آهي الله تعاليٰ جي يادگيري ۽ ذڪر جي معنيٰ يادگيري ڏياريندڙ پڻ آهي. خود قرآن شريف ۽ نماز کي ذڪر سڏيو ويو آهي هاڻي جيڪڏهن ڪو چوي تہ ذڪر اهو آهي جو اڄ ڪلهہ جا درويش ٿا ڪن يا جيڪو قادري طريقي وارا زور سان الله الله يا هو هو چوڻ سان ٿا ڪن. ان جو فيصلو هيئن ڪري سگهبو تہ حضرت جن ﷺ يا اصحابن سڳورن ڪهڙي طرح ذڪر جي حڪم جي تعميل ڪئي. هر ڪو عامل قبول ٿو ڪري تہ انهن طريقن سان ذڪر ڪرڻ جو حڪم ڪونہ آيل آهي، مگر ذڪر جو حڪم آهي تہ سهي، پوءِ ڪهڙي بہ طريقي سان


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڪجي ته اها بدعت ناهي. مان چوان ٿو ته اڄوڪن درويشن وارو ذڪر، ذڪر ئي ناهي، پر ڪٿي ذڪر ئي هجي ته به هيءَ ڪا جهڙي تهڙي ڳالهه ڪانهي جنهن ۾ حضرت ﷺ جي سنت کي ڇڏي نئون طريقو ڪڍجي. هيءُ هڪڙو نهايت ضروري اسلامي حڪم آهي جنهن تي پاڻ سڳورن ۽ اصحابن پلارن عمل ڪيو ۽ جوئي طريقو اختيار ڪيائون سو ئي اسان کي اختيار ڪرڻو آهي. مٿي هڪ حديث ڏني ويئي آهي ته اجتهاد فقط تڏهن ٿو ڪري سگهجي جڏهن ڪنهن ڳالهه لاءِ حضرتﷺ جن جو عمل به معلوم نه هجي، تنهن ڪري ذڪر جي باري ۾ اجتهاد کي دخل ئي ڪونهي. سورت بقره جي 18 رڪوع جي آخري آيت ۾ هي الفاظ آيل آهن، فَاذْكُرُوْنِيْٓ اَذْكُرْكُمْ، جنهن جي لفظي معني آهي ته ”مون کي ياد ڪيو ته مان اوهان کي ياد ڪيان“ ابن جرير هڪ مشهور اوائلي مفسر پنهنجي تفسير طبريءَ ۾ انهن الفاظن جو تفسير هن طرح ٿو ڪري ته انسان جو الله تعاليٰ کي ياد ڪرڻ آهي، سندس حڪمن تي هلڻ ۽ الله تعاليٰ جو انسان کي ياد ڪرڻ آهي مٿس برڪتون نعمتون موڪلڻ. نقل کي ڇڏي عقل تي اچو.

ڪهڙو عقل وارو ماڻهو چئي سگهندو ته ماڻهو ويهي الله الله الله چون يا رات ڏينهن اٿي ويٺي ڪم ڪندي اهو مبارڪ لفظ اچاريندا وتن ۽ الله تعاليٰ شب روز خدا بخش خدا بخش يا مهرالله مهرالله وغيره فرمائيندو رهي، جيڪڏهن ڪنهن به انسان سان محبت هوندي آهي ته ان جو نالو ورد ڪبو آهي ڇا؟ فقط هر وقت سندس يادگيري رهندي آهي ۽ ان جي فرمودن موجب عمل ڪبو آهي.!

پر اڄوڪن بزرگن جو اهو خيال ۽ دليل ته هن وقت جي ماڻهن جون دليون ڪاريون آهن تن کي صفا ڪرڻ لاءِ نئين طريقي جي ضرورت پيدا ٿي آهي سو دليل به اٽپورو آهي ڇو ته جيڪڏهن اصحابن سڳورن جون دليون حضرت ﷺ جن جي فيض واري نظر جي اثر کان صاف ٿيون ته انهن مسلمانن جون ڪيئن صاف ٿيون جن پاڻ ڪريمن کي ڏٺو ئي ڪين. جيڪڏهن چئجي ته انهن کي وري اصحابن سڳورن جي فيض واري نظر نصيب ٿي ته وري ٽئين ۽ چوٿين پيڙهي وارن کي ڪنهن جي نظر فيض رسايو؟ جيڪڏهن تابعين ۽ تبع تابعين فقط فيض واري نظر کان ڪم ورتو ته چو نه ٿا اڄوڪا بزرگ به رڳو نظر کان ڪم وٺن. جيڪڏهن بزرگ آهن ئي ڪونه ته پوءِ ڪيئن چئبو ته انهن طريقن جي وسيلي ماڻهو بزرگ يا اولياءَ الله ٿا ٿين؟ جيڪڏهن اسان جي زماني ۾ بين نون طريقن جي ضرورت هجي ها ته اهي به رسول الله ﷺ جن بيان ڪري ڇڏن ها. ائين آهي ڇا ته رسول الله ﷺ جن ديني تعليمات کي اٽپورو ڇڏي ويا ۽ پوين اچي ان جي پورائي ڪئي؟ تڏهن اَكْمَلْتُ لَكُمْ دِيْنَكُمْ واري آيت جو مطلب ڇا آهي؟ لطف ته هيءُ آهي ته خود فقه ۾ انهن طريقن جو بيان بلڪل ڪونهي.

چيو ويندو آهي ته انهن طريقن ۾ ڪماليت حاصل ڪرڻ لاءِ ۽ فنا في الله، واصل با الله ٿيڻ لاءِ يا ولي ۽ ڪرامت جي صاحب ٿيڻ لاءِ گهر ٻار ۽ دنيائي ڪم ڪار ڇڏي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڏيڻ ضروري آهي. مگر ائين ڪرڻ رهبانيت آهي ۽ اسلام رهبانيت سخت ڪان منع ٿو ڪري. تجربي مان ثابت آهي ته انهن طريقن ڪمائڻ سان ڪو هروڀرو دل صاف ڪانه ٿي ٿئي، چو ته ڏسجي پيو ته ڪيترائي اهڙا انسان آهن جيڪي اهي طريقا ڪمائن ٿا ته به اسلام ڪان برطرف آهن ۽ گناهن جا ڪم ڪن ٿا. انهي جو جواب اهو ڏنو ويجي ٿو ته انهن طريقن سان ٻيا شرط به لاڳو آهن جيئن ته شريعت جي پابندي وغيره. تڏهن چئجي ته هروڀرو انهن طريقن ڪمائڻ ۾ دل ڪي صفا ڪرڻ جو لازمي اثر رکيل ڪونهي مگر جنهن صورت ۾ شريعت جي پابندي ۽ قرآن شريف بامعنيٰ پڙهڻ ۽ نماز دل جي حضور سان پڙهڻ سان اهو مقصد حاصل ٿي سگهي ٿو ته پوءِ ڪيئن چئبو ته اهو اثر انهن طريقن ڪمائڻ ۾ آهي؟ رواجي ماڻهو چوندا آهن ته طريقت ڪمائڻ سان انسان واصل بالله ٿئي ٿو، پوءِ هن جو قلب ڪلي ٿو پوي ۽ بدني ۽ باطني علم مليس ٿو، جنهن ڪري هن کي نڪا قرآن شريف پڙهڻ جي ضرورت آهي نڪا روزي نماز جي. پر بهتر ائين آهي ته روزو رکندو اچي ته ٻيا رواجي مسلمان شريعت ڪان بگڙي نه وڃن، شريعت ڪان طريقت کي مٿي ٿا سمجهن. مگر منهنجي ناقص خيال ۾ نٽو اچي ته طريقت ڇا کي ٿا ڪونين، شريعت آهي اسلام جون تعليمات ۽ انهن تعليمات تي هلڻ آهي طريقت، جيڪو رسول الله ﷺ ۽ اصحابن سڳورن جو طريقو (طريقو ۽ طريقت ساڳيو لفظ آهي) وٺندو سو ئي فلاح پائيندو. هڪڙي وڏي عالم بزرگ نقش بنديءَ واري ڪان پڇيو ويو ته اڄ ڪلهه جا صوفيانه طريقه ڪمائڻ بهتر يا قرآن شريف پڙهڻ بهتر؟ ته جواب ڏنائين ته اهي طريقه ڪمائڻ آهي دوا ۽ قرآن شريف مطالعو ڪرڻ غذا، جيئن بيمار کي اول دوا ڪارائي تندرست ڪري پوءِ غذا ڏجي ته زور وٺي. تئين شروعات وارن کي اهي طريقا ڏسجن پوءِ انهن کي قرآن شريف پڙهڻ جي هدايت ڪجي جنهن ڪان سواءِ يعني قرآن شريف ڪان سواءِ ٻيو ڪو چارو نه آهي ۽ نه ٿي سگهي ٿو. هيءُ اهڙو خيال آهي جو ٻين سيني صوفين جي خيالن کي رد ڪري ٿو ڇڏي. چو ته عام صوفين جو اهو خيال آهي ته اول آهي شريعت پوءِ آهي طريقت، جنهنجي وسيلي فنافي الله ۽ واصل با الله ٿي ولي الله ٿو ٿجي. بلڪ اناالحق جو دم هٽي ٿو سگهجي. در حقيقت انهيءَ بزرگ صاحب جو جواب به پورو نه آهي، چو ته روحاني مرضن لاءِ دوائون ۽ علاج قرآن ۽ حديثن ۾ ڪو نه سيڪاريل آهن ڇا، جيڪڏهن سيڪاريل آهن ته پوءِ چو نه اتان علاج چوندي ڪيجي، ۽ چو نئون طريقو ڪم آڻجي؟ جيڪڏهن نه سيڪاريل آهن ته چئبو (نعوذ باً الله منهاً) ته اسلام نامڪمل هو جنهن کي پوين مڪمل ڪيو؟

ساڳئي بزرگ صاحب ڪان پڇيو ويو ته هندن جي يوگ ۽ صوفين طريقن جي ۾ ڪهڙو تفاوت آهي؟ جواب ڏنائين ته هندو يوگي اسلامي شريعت جي پابندي نه ٿا ڪن ۽ حلال حرام جي تميز ڪا نه ٿا ڪن، مگر سچا صوفي ڪن ٿا. هن مان سمجهبو ته


www.sindhsalamat.com



Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

قبول ڪري چڪو تہ هونئن ٻنهين جو طريقو ساڳيو آهي. هڪڙي ٻئي عالم بزرگ نقشبندي طريقي واري فرمايو تہ اهي نوان طريقا بيشڪ دل کي صاف ڪن ٿا پر جيئن دوا سان گڏ پرهيز ضروري آهي تيئن انهن سان بہ پرهيز ضروري آهي. اهو جواب بہ ساڳئي نموني آهي جئين مٿي ڏنو ويو آهي فقط لفظن ۾ ڦير آهي. جيڪڏهن پرهيز ڪري سگهجي ۽ ڪجي تہ پوءِ هنن طريقن ڪمائڻ جي تہ ضرورت ئي ڪانہ رهي. مگر ساڳئي بزرگ کي جڏهن چيو ويو تہ عام طرح ولي الله فقط انهن کي ٿو چئجي جي اهي نوان طريقا ڪم ٿا آڻين ۽ انهن جي وسيلي ڪرشما ڪري ٿا ڏيکارين يا ماڻهن کي حال ٿا وجهن، تڏهين فرمايائين تہ جاهلن جي خيال کي ڪو ونبو چا. هيءُ جواب بہ اهڙو آهي جو عام صوفين جي ولايت کي درهم برهم ڪري ٿو ڇڏي. جيڪڏهن اها راءِ عام طرح مقبول ٿي وڃي تہ پوءِ درويشن جا طالب ۽ پيرن جا مريد ڪين ترڪ ڪري وري سندن منهن بہ نہ ڏسن، ڇو تہ اڄ ڪلهہ ماڻهو فقط انهن کي ولي سمجهن ٿا جي نوان طريقا ڪم ٿا آڻين.

هاڻي سوال آهي تہ اهي نوان طريقا ڪهڙا آهن ۽ سچو پچو ذڪر ڪهڙو آهي جو رسول الله ﷺ جن ۽ اصحاب سڳورا ڪندا هئا؟ اهي طريقا اهڙي طرح لڪايا ويندا آهن جيئن عيب کي لڪايو ويندو آهي. چيو ويندو آهي تہ اهي فقط انهن کي ڏسبا آهن جن ۾ مرشد لاءِ پورو يقين ۽ ويساهہ هجي ۽ اهڙو شوق هجيس جو مرشد کي پڪ ٿئي تہ هن کي ڏسبا تہ هو ضرور ڪمائيندو. هڪڙو واهيات قصو ٻڌائيندا آهن تہ "حضرت علي رضي الله عنه خاص طالبن کي اهي طريقا ڏسيندو هو پر انهن جي پهريائين آزمائش وٺندو هو. هڪڙي ڀيري چا ڪيائين جو طالبن کي ٻاهر وهاري ڇيائين تہ مان هڪ هڪ ڪري توهان کي اندر سڏيندس پوءِ هڪڙي کي اندر آڻائي هڪڙي ڇيلي جو رت جو اڳوات هٿ ڪري رکيو هئائين تنهن کي اهڙي طرح هاريائين جو رت ٻاهر وهي هليو. ٻاهرين طالبن سمجهيو تہ جيڪو طالب اندر ويو آهي تنهنجو رت آهي. اهو حال ڏسي ڪي ڀڄي ويا، باقي جن جو ويساهہ پورو هو سو رهي پيا حضرت علي پوءِ فقط انهن کي طريقا سيکاريا".

جيتري قدر مون کي معلوم آهي اوتري قدر ڪي طريقا بيان ڪيان ٿو. هڪڙو نمونو تہ هيءُ آهي جو پهريائين طالب کي مرشد جي تصوير پچائڻ جي تلقين ڪئي ويندي آهي، انهيءَ ۾ هن کي مرشد لاءِ حب پيدا ٿيندي آهي. جڏهن ان ۾ ڪمال حاصل ڪندو آهي تڏهن چئبو آهي تہ فنا في الشيخ ٿي چڪو پوءِ ڪيس فنافي الرسول ۽ پوءِ فنا في الله ٿيڻ سيکاريو ويندو آهي. والله اعلم هيءُ ڪم خبر ناهي تہ ڪيئن ٿو ڪيو وڃي. ٻيا طريقا نفي اثبات جا ۽ تصورن پچائڻ جا بہ مونکي بلڪل معلوم ڪونہ هئا نڪا اها خبر اٿم تہ نقشبندي قادري سهروردي ۽ چشتي طريقا ڪيئن ڪمايا وڃن ٿا. پر خدا ڀلو ڪري پير ارشاد الله شاهہ حڪيم، لعلورانئڪ


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

تعلقي وارهہ واري جو جنهن لکل ڳالهيون ظاهر ڪري وڌيون آهن ۽ هڪڙو ڪتاب ارشاد المعرفت لکي ڇپايو اٿس جنهن مان مونکي پوءِ معلوم ٿيو تہ اهي طريقا ڪهڙا آهن. ان ڪتاب مان مثال لاءِ فقط ہہ ٽي طريقا ناظرين جي خدمت ۾ پيش ٿو ڪريان.

طالب وضو ڪري قبلي جي طرف منهن مونن ۾ وجهي اکيون بند ڪري طريقت جي مرشد ۽ حقيقت جي پير کان مدد گهري قلب کي الله تعاليٰ ڏانهن متوجہ ڪري لفظ "لا" کي ناف (دن) کان ڇڪي دماغ تائين پهچائي ۽ اتاهون لفظ الله کي سڄي ٻبي جي هيٺون آٽي ضرب هڻي. وري الا الله جي ضرب دل تي هڻي لفظ لا الہٰ جي چوڻ وقت اهو (نفي وارو) خيال دل ۾ ڪري تہ الله کان سواءِ ڪجهہ بہ ڪينهي ۽ لفظ الا الله جي چوڻ وقت (اثبات) اهو خيال ڪري تہ رڳو الله ئي الله آهي (همہ اواست). اهڙي طرح انهيءَ ڪلمي جو ذڪر هڪ هزار کان گهٽ نہ ڪري. جڏهن مٿيون تعداد پورو ٿئي تڏهن ان وقت اهڙو تصور ڪري جو جڻ چانڊوڪي جهڙي نور سڄي جهان کي گهيري ورتو آهي انهيءَ خيال ۾ دل کي ايتري قدر جهلي جو خود طالب کي لذت اچڻ لڳي ۽ انس پيدا ٿئي. پوءِ ساڳئي نموني لفظ الا الله جو ذڪر هزار دفعا ڪري ۽ ساڳيو تصور ڪري. وري لفظ الله جو بہ ساڳيءَ طرح ۽ پوءِ لفظ هو جو بہ ساڳيءَ طرح، فقط ٿورو ٿورو تفاوت آهي. سال ڪن ائين ڪرڻو آهي پر جيڪڏهن مرشد باطني فيض وارو هجي تہ جلد آسانيءَ سان منزل کي پهچي سگهجي، مگر پير صاحب ميان ارشاد الله شاهہ فرمائي ٿو تہ اڄوڪي زماني ۾ ڪامل ۽ فياض مرشد جو هٿ اچڻ گهڻو مشڪل آهي.

ٻيو ذڪر اسم ذات جو هيءُ آهي تہ:- طالب پهريائين پنهنجي دل کي گوشت جو ٽڪرو صبويري شڪل جو تصور ڪري پوءِ خيال ۾ تصور سان گڏ لفظ الله الله جو دل کي چوائيندو ڪري جڏهن سندس خيال ۾ اهو تصور قائم ۽ مضبوط ٿي وڃي تہ پوءِ دل کي التائي تنهنجي مٿي تي خيال جي قلم سان اسم مبارڪ "الله" جو سوني پاڻيءَ سان لکي ۽ دل جي اکين سان ان کي هميشہ ڏسندو رهي. جڏهن اسم ذات جو نقش دل تي منقش ٿي وڃي تنهن کان پوءِ ٿورن ڏينهن اندر قلب ۾ سوراخ ڏسڻ ۾ ايندو ۽ ان جو رنگ سفيد روشن چنڊ جي چانڊوڪيءَ جهڙو هوندو پوءِ سالڪ کي گهرجي تہ ان سوراخ جي مٿئون اسم مبارڪ "الله" جو لکي. ڪجهہ ڏينهن پوءِ اهو سوراخ اهڙو ويڪرو ۽ ڪشادو ٿي ويندو جو سڄي روءِ زمين بلڪ تحت الثريٰ کان وٺي عرش معليٰ تي محيط ٿي ويندو تنهن ۾ باغ ۽ چمن، نهرون ۽ گهٽا الهيٰ عجائبات نظر اچڻ لڳندا ۽ ملائڪن مقربن، نبين جي ارواحن ۽ اوليائن سان ملاقات حاصل ٿيندي. ذات الهيٰ سڀ کان پاڪ منزل ڏسڻ ۾ ايندي انهيءَ مشاهدي ۾ بہ هڪ سڄو سال گذاري.

ٽيون - سالڪ اکيون بند ڪري پالڪي ماري ويهي ڀڳ ڪيماس يعني سڄي پاسي واري ران جي رڳ کي کٻي پير جي آڱوٺي ۽ آڱر سان پڪڙي سڄي پير جي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

چنبي کي ڪبي ران تي رکي ۽ پنهنجا ٻئي هٿ گوڏن تي رکي مٿي کي زمين جي ويجهو ڪري لفظ کي ضرب سان زمين تان ڇڪي اخغيٰ (دماغ) تائين پهچائي لفظ ”الله“ کي ڪنڌ جي اشاري سان ڪبي هٿ جي ڇيچ تي ضرب هڻي، اهڙي طرح هيءُ ذڪر هر روز هڪ هزار ڀيرا ٻنان ناغي جي ڪري هڪ سال تائين آواز سان ذڪر ڪري يا آهستي ڪري سو سالڪ جو اختيار آهي.

چوٿون - سالڪ تصور ڪري ته مان ۽ جيڪي به منهنجي نظر ۾ اچي ٿو سو مٽيوئي خاڪ آهي. جڏهن ڏسڻ ۽ هٿ لائڻ سان سڀ ڪجھ خاڪ معلوم ٿئيس تڏهن خاڪ کي پاٽي تصور ڪري پوءِ وري هوا تصور ڪري ۽ پوءِ باھ وغيره وغيره.

اهڙا طريقا مٿي بيان ڪيل ڪتاب ۾ گهڻا ڏنل آهن ۽ تفصيل سان بيان ڪيل آهن. مون فقط چار انهن منجهان هت ڏنا آهن سي به بلڪل مختصر طور. اهي ئي طريقا آهن جن بابت مون مٿي چيو آهي ته نه رسول الله ﷺ ڪمايا آهن نه اصحابن سيکورن، نه قرآن مجيد ۽ حديثن ۾ نه فقه ۾ بيان ڪيل آهن. تنهن ڪري بدعت آهن ۽ ڪل بدعت گمراهي آهي. مگر عام طرح ته خيال ڪيو وڃي ٿو ته انهن ئي طريقن سان واصل با الله ۽ ولي الله ٿو ٿجي. مان ٿو پڇان ته انهن طريقن کان سواءِ ولي الله ٿي نه ٿو سگهجي ته اصحاب سڳورا اولياءَ نه هئا ڇا ۽ جو نه الله ۽ الله جي رسول اهڙا طريقا سيکاريا جن سان ئي ولي الله ٿي ٿو سگهجي؟

ٻئي هڪڙي قسم جو ذڪر به بيان ڪيان ٿو جو عام ماڻهو سومهڻيءَ جي وقت يا اسر جي وقت آواز سان ڪندا آهن. مان جڏهن ننڍو هوس تڏهن منهنجي ڏاڏي جي مرشد جي اولاد وارا پير منهنجي ڳوٺ ۾ ايندا هئا ۽ سومهڻيءَ جي وقت مريدن ۽ جماعتين سان گڏجي ڪجھ وقت زور سان لا الا الا الله، لا الا الا الله ۽ پوءِ وري ڪجھ وقت الا الله، الا الله پوءِ وري ڪجھ وقت الله الله ۽ ڪجھ وقت ’هو هو‘ ڪري پوءِ منهن مونن ۾ وجهي گهڙي ڪن مراقبه ڪري، پوءِ دعا گهرندا هئا. ائين هاڻي به گهڻائي مرد خواه زالون سر ۽ آلاپ سان ڪندا آهن. مون هڪڙي عالم سڳوري کان پڇيو ته حضرتﷺ جن ۽ اصحاب سڳورا ائين ڪندا هئا يا نه؟ جواب ڏنائين ته نه.

هاڻي اچان ٿو انهي سوال تي ته اهو ڪهڙو ذڪر آهي جنهن جو حڪم قرآن شريف ۽ حديثن ۾ آهي ۽ ان حڪم جي تعميل حضرت ﷺ ۽ اصحاب سڳورن ڪيئن ڪئي؟ ذڪر جي معنيٰ يادگيري آهي ۽ يادگيري ڏياريندڙ به آهي. جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي پنهنجي پٽ يا پياري دوست سان گهڻي محبت هوندي آهي ته ان کي اهو پٽ يا دوست بي اختيار هر وقت ياد هوندو آهي. هن جي رفتار گفتار، شڪل شباهت، مرڪڻ کلڻ وغيره وغيره سڀ ڪجھ اکين آڏو رهندو آهي. جيڪڏهن ٻيو ڪو ماڻهو ساڻ هوندو اٿس ته ان سان پنهنجي پٽ يا دوست جون ڳالهيون ڪندو آهي ۽ سندس صفتون ۽ ڳڻ بيان ڪندو آهي. عملن وري انهيءَ جي مرضيءَ موجب هلندو


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

آهي ۽ هنن جي لاءِ سوڪڙيون پاڪڙيون وٺندو آهي مگر سندن نالي جو ڪڏهن بہ ورد ڪو نہ ڪندو آهي. يعني اڪيلائي ۾ يا ٻين جي روبرو ۽ دل ۾ يا آواز سان يوسف، يوسف يوسف يا يعقوب يعقوب ڪو نہ چوندو آهي. اهڙيءَ طرح جيڪڏهن ڪنهن شخص کي علم عقل ۽ قدرت تي غور ويچار ڪرڻ ۽ چڱي صحبت جي اثر ڪان الله تعاليٰ لاءِ محبت پيدا ٿيندي آهي تہ هن کي بہ بي اختيار هر وقت اڪيلائي ۾ خواه مجلس ۾ ڪائيندي پيئندي، گهمندي ڦرندي، ڪم ڪندي الله تعاليٰ ياد هوندو آهي. الله تعاليٰ جي يادگيري جي ڪري هر وقت گناهن ڪان بيزار رهندو آهي ۽ الله تعاليٰ جي مرضيءَ موجب عمل ڪندو آهي. هر وقت سندس تعريف ۽ سندس صفتون ۽ حڪم احڪام بيان ڪندو آهي ۽ هر وقت هر ڪم ۾ ڪانئس مدد ۽ هدايت گهرندو آهي. مناسب موقعن تي ۽ دل جي جذبي ۽ سمجهہ سان ”بسم الله لا الا الا الله سبحان الله الحمد الله الله اڪبر“ ۽ اهڙا ٻيا ڪلما دل ۾يا آواز سان ڪيندو آهي ۽ دل سان هنڊائيندو آهي. مجلس ۾ بہ الله تعاليٰ جون هدايتون ۽ حڪم ۽ صفتون بيان ڪندو آهي ۽ وعظ ۽ تقريرون ڪندو آهي. سيڪو ڪم بسم الله چوڻ سان شروع ڪرڻ ۾ بہ الله تعاليٰ جي يادگيري آهي. هر وقت الله تعاليٰ ڪان دعائون گهرڻ بہ ذڪر آهي. دست بہ ڪار دل بہ يار! ائين نہ تہ هٿ هجي تسبيح ۾، الله جو نالو زبان تي مگر دل ۽ خيال ٻئي پاسي - انهيءَ ڪري سيني ڪان چڱو ذڪر آهي قرآن شريف سمجهہ سان پڙهڻ چو تہ قرآن شريف پڙهڻ سان نہ رڳو الله تعاليٰ جي يادگيري ٿي اچي پر سندس صفتون ۽ حڪم احڪام بہ معلوم ٿا ڪجن. نماز بہ ذڪر آهي چو تہ نماز ۾ بہ الله تعاليٰ جي تعريف ٿي ڪجي ۽ منجهس قرآن شريف ٿو پڙهجي - حديثن مان معلوم ٿو ٿئي تہ رسول الله ﷺ هر ڪم ۾ هر موقعي تي مناسب دعائون گهرندا هئا - جن کي اهي دعائون معلوم ڪرڻيون هجن سو مولانا مولوي صاحب رحيم بخش مرحوم جو ڪتاب نالي ”اسلام کي ڇهٽي ڪتاب“ پڙهي ڏسي - انهيءَ ۾ عربي دعائون بہ ڏنل آهن ۽ انهن سان گڏ اڙدوءَ ۾ ترجمو بہ ڏنل آهي - مولانا صاحب ان ڪتاب جي مهاڳ ۾ ذڪر جي فائدن جون حديثون ڏيئي فرمائي ٿو تہ

پس جب دعائين ايسي بي نظير فوائد پر مشتمل هين تو اس لئي اراده هوا ڪہ اب ڇهٽي ڪتاب دعائون مين با ترجمۂ مختصر اور ڇهوٽي تقطيع پرڇهاپ ڪر شايع ڪرين. هن مان سمجهي - وري ”اسلام کي ساتوين ڪتاب“ ۾ ترغيب فضيلت نماز صبح و عصر کي بعد ذڪر ڪرني اور نفل پڙهني مين“ جي سري هيٺ لکي ٿو

"اور فرمايا آنحضرت ﷺ ني جو شخص عصر کي نماز بعد آفتاب کي ڊوبني تک ذڪر ڪرتا رهي اس ڪو ڀهي ايسا ثواب ملتا هي جيسا صبح کي نماز کي بعد آفتاب نڪلني کي وقت تک ذڪر ڪرني سي ملتاهي ان اوقات مين جو اور دعائين وارد هين انڪو هم اسلام کي ڇهٽي ڪتاب مين با فواعد و ترجمہ لکهہ چکي هين—


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

هن مان بہ معلوم ٿيندو تہ ذڪر ۽ دعائون ساڳي ڳالھ آهي. قرآن شريف ۾ جو فرمايل آهي واذڪر اسم ربڪ في نفسڪ تنهن جي معنيٰ اها ناهي تہ پير ارشاد الله شاھ جا بيان ڪيل طريقا ڪمايو مگر معنيٰ هي آهي تہ دل ۾ پنهنجي رب جو نالو ياد رکو. هڪڙي هنڌ ذڪر کي اڪبر سڏيو ويو آهي ان جو مطلب اهو ناهي تہ ذڪر نماز کان وڏيڪ آهي ڇو تہ نماز پاڻ اعليٰ ۾ اعليٰ ذڪر آهي، مگر مطلب هي آهي تہ نماز وغيره جهڙن ڪمن ۾ سڀ کان مکيہ ڳالھ يا مکيہ مقصد يا مکيہ فائدو آهي الله تعاليٰ ۽ سندس حڪمن جي يادگيري. ابن جرير جي خيال موجب الله جي حڪمن جي پيروي ڪرڻ بہ ذڪر آهي - منهنجي خيال ۾ ذڪر اهي ئي آهن جيڪي مون بيان ڪيا آهن - اصحابن سڳورن بہ انهن نمونن سان ذڪر ڪيو. اسان کي بہ گهرجي تہ سيني ديني معاملن ۾ اصحابن سڳورن جي پيروي ڪريون. انهن جي روش ڇڏي ٻي روش وٺڻ گمراهي ۾ پوڻ آهي. جيڪي نيون ڳالهيون نڪتيون آهن سي بدعت آهن. خصوصن تصوف جا جيڪي نوان طريقا نڪتا آهن جن کي ذڪر سڏيو ٿو وڃي سي ذڪر جي معنيٰ هيٺ بلڪل اچي نہ ٿا سگهن، انهن کي ذڪر سڏڻ ئي نہ گهرجي. ڪوڙي تصوف جو نتيجو اهو نڪتو آهي جو نوانوي سيڪڙو ماڻهو اسلام ۽ شريعت کي معمولي ٿا سمجهن. قرآن ۽ حديث جي علم حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ئي نہ ٿا ڪن ۽ الله تعاليٰ جي پرستش بدران پير پرستي فقير پرستي ۽ قبر پرستي اختيار ٿا ڪن.

## معجزا ۽ ڪرامتون (خرق عادت)

معجزا ۽ ڪرامتون برحق آهن، مگر عام ماڻهن ۾ ان بہ نسبت ڪي نقصان ڪار خيال ويٺل آهن. جن کان ڪين آگاھ ڪرڻ گهرجي ۽ نقصانن کان ڪين بچائجي. هڪڙي وڏي عالم کان پڇيم تہ "پيغمبرن سڳورن ۽ ٻين صالح ٻانهن کي خرق عادت ڪرڻ جي طاقت آهي ڇا؟" جواب ڏنائين تہ انسان کي ڪا بہ طاقت ڪانهي. ائين چوڻ تہ ڪو بہ انسان خرق عادت ڪري سگهي ٿو. مثلا ڌيءُ کي پٽ ڪري ٿو سگهي يا مئي کي جيئرو ڪري ٿو سگهي يا پاٽيءَ کي باھ ڪري ٿو سگهي وغيره وغيره شرڪ ۽ ڪفر آهي. مگر الله تعاليٰ پاڻ پنهنجن پيارن جي هٿان خرق عادت ڪري سگهي ٿو. پوءِ حضرت موسيٰ واريون آيتون پڙهي چيائين تہ ڏس تہ حضرت موسيٰ جڏهن ڏٺو تہ سندس لٺ نانگ ٿي پيئي آهي تڏهن ڊپ ۾ وٺي ڀڳو جنهن مان نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو تہ حضرت موسيٰ نہ رڳو لٺ کي نانگ پاڻ ڪو نہ ڪيو پر اهو بہ معلوم ڪو نہ هوس تہ لٺ نانگ ٿي پوندي. قرآن شريف ۾ بار بار آيو آهي تہ: "چئو ماڻهن کي (اي رسول! ﷺ) تہ مان توهان جهڙو انسان آهيان، جيڪي ڪري ٿو سو الله تعاليٰ ٿو ڪري. مون وٽ جڏهن وحي ٿو اچي تڏهن توهان کي ٻڌايان ٿو." ڪيترائي ڀيرا ڪائنن ڪو سوال ڪيو ويندو هو تہ وحي واسطي ترسندا هئا ۽ جڏهن وحي ايندو هو تڏهن جواب ڏيندا


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

هئا. هڪڙي پيري پاڻ فرمايائون تہ مان جيڪڏهن ڪا مذهبي ڳالهہ ٻڌايان تہ اها سچي سمجهو. مگر دنيوي ڪا ڳالهہ ٻڌايان تہ اُها هرويرو صحيح نہ سمجهو. هڪڙي پيري فرمايائون تہ مون وٽ بہ ماڻهو فيصلو ڪٽي اچن ٿا هڪڙي کي ڳالهائڻ ۽ سمجهائڻ جي طاقت وڌيڪ آهي ۽ پنهنجو معاملي اهڙيءَ طرح پيش ٿو ڪري جو مان سندس فائدي ۾ فتويٰ ٿو ڏيان مگر جيڪڏهن حق ۾ انصاف ٻيءَ ڌر سان آهي تہ انهيءَ ماڻهوءَ کي گهرجي تہ پاڻ انهيءَ ڌر کي حق پلئہ وجهي نہ تہ سمجهي تہ مان پنهنجي پلو ۾ باهہ جو ٽڪرو ٿو وجهان. صحيح بخاري ۾ آهي تہ هڪڙي پيري رسول الله ﷺ فرض نماز ۾ گهٽ وڌ رڪعتون پڙهيون. پاڻ فرمايائون تہ مان بہ توهان جهڙو انسان آهيان مون کان بہ سهو ٿي سگهي ٿي. تنهنڪري ماڻهن کي اهو خيال هرگز ڪرڻ نہ گهرجي تہ پير ۽ فقير پٽ ڏيئي ٿا سگهن يا ٻيون مرادون پڄائي ٿا سگهن يا پٽ پاراتو ڏيئي نقصان رسائي ٿا سگهن وغيره وغيره. جيڪي سچا ۽ صالح آهن سي دنيائي ڪمن واسطي واري دعا ڪندا آهن ۽ پٽ پاراتو تہ اصل ڪين ڏيندا آهن. جو تہ اسلام ۾ ان ڪان منع آهي. پيغمبرن ۽ صالحن جي هٿان معجزا ۽ ڪرامتون بلڪل ورلي ظهور ۾ ايندا هئا سو بہ گهٽو ڪري اسلام جي واڌاري لاءِ سائنس جي تجزين مان ثابت آهي تہ خدا وند عالم جو بهترين قانون ساز آهي سو فطرت کي اهڙن مقرر قانونن تي هلائي ٿو جو انسان حيرت ۾ پئجي ٿو وڃي. سڀ ڪنهن ڳالهہ جو نتيجو پيدا ٿئي ٿو سڀ ڪنهن نتيجي لاءِ ڪو سبب آهي. انهيءَ ڪري سائنسدانن جو اعتقاد آهي تہ خرق عادت اڻ ٿيڻو معاملو آهي. جو تہ الله تعاليٰ جا قانون بلڪل اڻ ٽر آهن ۽ اهي مٽجي ڪو نہ ٿا سگهن. انهيءَ ڪري سرسيد احمد خان (مان پاڻ سندس ڪتاب ڪو نہ پڙهيا آهن) قرآن شريف ۾ بيان ڪيل معجزن ۽ ٻين معجزن جي اهڙي معنيٰ ورتي آهي ۽ اهڙي سمجهاڻي ڏني آهي جو اهي خرق عادت نہ پر قدرت جي قانونن موافق پيا ڏسڻ ۾ اچن. هن مان ڏسبو تہ جاهل سڀ ڪنهن ڳالهہ کي خرق عادت بنايون ويٺا آهن منهنجي خيال ۾ سر سيد احمد خان بہ غلط آهي. جو تہ الله تعاليٰ قادر ۽ قدير آهي ۽ جيڪي چاهي سو ڪري سگهي ٿو. ازانسواءِ هي بہ ممڪن آهي تہ الله تعاليٰ جيڪو خرق عادت جو ڪم ڪري ٿو سو در حقيقيت ڪنهن قانون موافق ئي هجي مگر اسان کي اسان جي ڪم علمي سببان خرق عادت ڏسڻ ۾ اچي تہ بہ اهو معجزه ئي چئبو. جو تہ الله تعاليٰ ڪنهن مناسب موقعي تي خاص مقصد لاءِ مثلن ڪافرن کي مسلمان ڪرڻ لاءِ اهڙو واقعو ظهور ۾ آڻي جو ان وقت سڀ ڪنهن کي خرق عادت ڏسڻ ۾ اچي تہ اهو معجزو نہ چئبو تہ ڇا چئبو. مگر سچ پچ اُهو حادثو قانون موافق هو يا نہ. تنهن جي انهن ماڻهن کي کهڙي خبر - مگر سڀ کان بهتر معجزا پيشينگويون آهن جيڪو الهام جي وسيلي ڪري سگهجن ٿيون. الله تعاليٰ پنهنجي ڪنهن پياري ٻانهي کي اڳواٽ ٻڌائي ٿو تہ فلاڻي وقت فلاڻو حادثو ٿيندو. اهو ٻانهو ٻين کي اهو واقعو ٻڌائي ٿو ۽ اهو پوءِ سچو


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

نڪري ٿو.

اسان جا مولوي ۽ عام ماڻهو سر سيد احمد خان ۽ مولوي محمد علي کي انهيءَ ڳالهه تي تمام سخت ٿا ونن ته هو چو تاويلات ڪري معجزن کي رواجي واقعا بنائي ٿا ڇڏين. پر ايتري قدر سخت ونڻ جو ڪهڙو ضرور آهي. اسلام جو مدار خرق عادت جي واقعن تي آهي ڇا يا ان ۾ قادر جي قدرت جو نقص يا شان جي گهٽتائي آهي ڇا. قرآن شريف ۾ پاڻ انهيءَ ڳالهه تي زور ڏنو ويو آهي ته ڏسو ته دنيا ڪيئن باقاعدي قانونن موافق پئي هلي. رات ڏينهن ڏي ڏسو ستارن جي گردش ڏي ڏسو وغيره وغيره.

بي ڳالهه هي آهي ته جيئن جهل گهٽو هوندو آهي تيئن خوش اعتقادي گهٽي هوندي آهي. جيئن ٻارن کي ديون ۽ پرين ۽ راڪاسن ۽ طلسمات جون ڪهاڻيون وڻنديون آهن تيئن جاهلن کي به اهي ڳالهيون وڻنديون آهن. جيڪي عقل ۽ مشاهدات کان گهڻو بعيد هجن (جيئن حاتم طائي ۽ ممتاز دمساز جا قصا ماڻهن کي سچا سمجهڻ ۾ ايندا آهن ۽ نهايت وڻندا آهن) يورپ ۾ جڏهن ماڻهو جاهل هئا تڏهن منجهن لکين ولي موجود هئا ۽ ڪروڙين ڪرامتن جا قصا، جنن ۽ ڀوتن ۽ ڏائڻين جا قصا رائج هوندا هئا. جنهن به عورت ۾ اهو شڪ پوندو هو ته ڏائڻ آهي تنهن کي ڦاسيءَ چاڙهيو ويندو هو. هزارين ٻڍڙيون عورتون ناحق سوريءَ تي لٽڪايون وينديون هيون. هاڻي جڏهن يورپ جا ماڻهو عقل ۽ علم ۾ ترقي ڪري ويا آهن، تڏهن نڪي ڪرامتون ٿا ڏسن، نڪي جن ۽ ڏائڻون ٿا ڏسن. اسان جي سنڌ ملڪ ۾ به اهڙو جهل آهي جهڙو يورپ ۾ ٽي سؤ سال اڳي هو. سيوهڻ، روهڙي ۽ ٺٽي ۾ سوا سوا لک ولين جو مدفون سمجهيو وڃي ٿو. ٻين هنڌن به جابجا هزارين ولين جون قبرون ڏيکاريون وڃن ٿيون. وري لطف هي ته انهن بابت هڪ به تواريخي واقعو ڪونه ٿا ٻڌائي سگهن. اهل حياتي وارن ۾ به هزارين ولي سمجهيا وڃن ٿا. مستن کي به اولياءَ الله سمجهيو وڃي ٿو. جيڪي بيشرم، بدمعاش، نانگا ماڻهن کان پنهنجا مخصوص عضوا مهترائن ٿا تن کي ڪي تعليم يافته ماڻهو به ولي مڃين ٿا ۽ مرادن حاصل ڪرڻ لاءِ انهن جا عضوا ٿا مهٽين. ڪرڙ ڪانديرو، ميهو ونگو سڀ ڪو ولي سمجهيو پيو وڃي اگرچه هن جا عمل شريعت جي مخالفت ڇو نه هجن. سندن ڪرامتن جون ڳالهيون لکين ڪروڙين بيان ڪيون ٿيون وڃن جي ڳالهيون اڪثر ڪري انهن جا فقير يا دوست هترادو ٺاهي پکيڙين ٿا. پر انصاف جاهلن جا به نه وڃائبا جو تحقيقات ڪرڻ کان سواءِ ڪنيو قبول ڪن. هڪڙي پير جو مشهور قصو آهي ته هڪڙي جيئري ماڻهو کي تڪبير سان ماري پوءِ مٿس جناري جي نماز پڙهيائين. مون ان ڳوٺ ۾ وڃي جانچ ڪئي مگر پتوئي نه پيو. ساڳي طرح جنن جا قصا به لکين ڪروڙين بيان ڪيا ٿا وڃن مگر ملائڪن جو هڪ به نه . جيڪڏهن انهن قصن بابت تحقيقات ڪندءُ ته هرگز سچا


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

نہ نڪرندا. هڪڙي وڏي عالم لکيو آهي تہ جن نڪو وٽن ۽ جاين وغيره ۾ تا رهن نڪو ماڻهن کي ڊيڄارين يا ايذائين تا نڪو منجهن واسو ڪري تا ويهن يا لهر تا هٽائين. عجب تہ وري اهو آهي تہ ڪاريهر نانگن کي بہ اولياءِ سمجهيو پيو وڃي ۽ انهن جا حيرت انگيز قصا بيان ڪيا پيا وڃن. انهيءَ ڪري ڪي ماڻهو ڪاريهر نانگ کي نہ ماريندا آهن.

ڪرامتن جي قصن جو هڪ تباهہ ڪندڙ نتيجو اهو پيدا ٿيو آهي جو ڪيترائي ماڻهو قيمتي وقت وڃائي تڪليفون ۽ خرچ ڪري ڪوڙن درويشن ۽ ڪوڙن پيرن وٽ وڃن ٿا ۽ انهن کي پيسا وغيره ڏيئي پنهنجو جهڳو جهڻ ڪري ٿا ڇڏين. ائين نٿا سمجهن تہ جيڪڏهن اهي ولي هجن تہ بنا اجوري ڪين دعا ڪن ۽ ٻين ڪان وٺڻ بدارن انهن کي ڪجهہ ڏين. وڏو نقصان هي بہ ٿو ٿئي جو بيماريءَ جيڪي علاج ڪرڻ بدارن ۽ ٻين ڪمن ۾ ڪوشش وٺڻ بدارن پيرن ۽ فقيرن جا در ڳوليندا ٿا وتن جنهن ڪري مرادن حاصل ڪرڻ بدارن نقصان ٿيو وڃي. الله تعاليٰ ٿو فرمائي تہ سڀ ڪنهن ڪم لاءِ پنهنجي ڪوشش ڪيو ۽ الله تعاليٰ تي توڪل رکو ۽ ڪانئس ئي مدد گهرو. ماڻهو چوندا آهن تہ جيئن دنيائي بادشاهن کي عرض سندس وزيرن ۽ زيردستن جي معرفت ڪبو آهي تيئن الله تعاليٰ وٽ بہ ولين جي وسيلي کان سواءِ نہ پهچي سگهبو. بادشاهن کي تہ ايتري طاقت ڪانهي جو سيني ماڻهن کي پاڻ سڌو ڏسي سگهن. پر الله تعاليٰ بہ انسان وانگر محدود ۽ بي طاقت آهي ڇا؟ اُتلندو الله تعاليٰ بار بار ٿو فرمائي تہ ذري ذري تي هر هڪ ڇڙيءَ خواه انسان تي منهنجي نظر آهي ۽ پڻ فرمائي ٿو تہ توهان مون کان سوال گهرو مان مجيب الدعوات آهيان. افسوس جو الله تعاليٰ کي ضعيف انسان جهڙو بنايو وڃي ٿو.

جنن جي قصن ۾ ويساهہ رکڻ ڪري جيڪي بربادي جا نتيجا پيدا ٿيا آهن، سي بہ عالم آشڪار آهن. ڪيترائي ڏاڙهين وارا ڊپ کان گهر کان ٻاهر نہ نڪرن. رات جو خواه ڏينهن ڏني جو ڪا رواجي ڳالهہ ڏسن تہ جن سمجهي موتي پون. هراس کان بيمار ٿي پون ۽ بعضي مري بہ وڃن. ڪن بيمارين لاءِ بہ سمجهيو ويندو آهي، تہ هن کي حساب آهي. پوءِ دوا ڪرائڻ ڦٽي ڪري فقيرن ۽ تعويذ لکندڙن ۽ سڱن ڏاڳن ڪندڙن ۽ فالن وجهندڙن جي پنيان رلندا خرچ ڪندا وتن. بلڪ دور دور وارن اهل مماتي جي قبرن تي مريض کي وٺيو وڃن ۽ سفر جي تڪليف ڪري مريض وڃيو وڌيڪ ضعيف حالت کي پهچي. هزارين مڪريل عورتون پري پري مقبرن تي وڃي سرندي جي آواز تي غيرن جي اڳيان وار ڇوڙي لهر هٽنديون آهن. هن کان وڌيڪ جهل ۽ بربادي ڪا ٻي ٿيندي آهي ڇا؟

ماڻهن کي گهرجي تہ علم پڙهن. علم کانسواءِ هنن کي سڀ ڪو مڪار ٺڳي ٿو سگهي. ڪين گهرجي تہ پيرن ۽ فقيرن کي ڪجهہ بہ نہ ڏين. جيڪڏهن ڪو نيڪ


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

عالم شريعت تي هلندڙ علم سيکاريندڙ ۽ وعظ ڪندڙ هجي، ته ان جي صحبت اختيار ڪجي ۽ ضرورت هجي ته اسلامي ڪم لاءِ ان جي مدد ڪجي. ڪرامتن جي قصن تي نڳجي وڃڻ نه گهرجي.

مقبرن جي زياتن ۾ ۽ اتي وڃي مرادن پنڻ ۾ ڇجون ڪري وڃي نذر نياز ڏيڻ ۾ سنڌ جي مسلمانن جو لکن جو قيمتي وقت ۽ لکين رپيا روڪڙا سال بسال ضايع ٿا ٿين. اهو اجايو اسراف ناهي ته ٻيو ڇاهي؟ الله تعاليٰ هر جاءِ تي آهي، سڀ ڪنهن هنڌ سوال ٻڌي سگهي ٿو، پوءِ هرو ڀرو ڪوهن جا ڪوهه پنڌ ڇجون ڪري قبرن تي وڃڻ جو ڪهڙو ضرور آهي. وقت سر ويجهي ۾ ويجهي قبرستان تي هن لاءِ وڃڻ گهرجي ته موت ياد اچي، عبرت وٺجي ۽ مسنون دعائون پڙهجن. جنهن ڪي منهنجي هنن خيالن تي اعتبار نه اچي سو حديثون پڙهي ڏسي ته اصحابن سڳورن ۽ تابعين جا عمل هن باري ۾ منهنجي خيالن موافق هئا يا اڄوڪي جاهلن جي عملن جهڙا هئا.

## قبا ۽ قبرون

هڪڙي وڏي عالم کان جو هميشه گوشه نشين رهيو آهي ۽ جنهن کان معجزن بابت به سوال پڇيو هوم، تنهن کان پڇيم ته ابن سعود جو قبا ڊاٺا آهن، سو ڪيتري قدر گناه جو ڪم ڪيو اٿس. جواب ڏنائين ته شرعي ڏوهه ڪونه ڪيو اٿس، مگر سياسي غلطي ڪئي اٿس.

ٻئي عالم بزرگ کان پڇيم تنهن چيو ته قبا ٺاهڻ مباح آهي ۽ ڊاهڻ حرام آهي. مولوي رحيم بخش مرحوم لاهور واري جي ڪتابن ۾ پڙهيو اٿم ته قبر سر جيڏي هئڻ گهرجي نه وڏيڪ. ”والله اعلم“ مگر اسان هت انهي عالم بزرگ جي جواب تي غور ٿا ڪريون جنهن فرمايو ته قبا ٺاهڻ مباح آهي ۽ ڊاهڻ حرام آهي. مباح جو مطلب اهو ٿيو ته قبن جو ٺاهڻ قرآن ۽ حديث مان ثابت ناهي. اوائلي زماني ۾ قبن ٺاهڻ جو رواج ڪونه هو بلڪ مسجدون به تمام ساديون ٺاهيون وينديون هيون. پوءِ بادشاهن ۽ اميرن پنهنجي واسطي به عاليشان عمارتون ٺهرايون ۽ مسجدون ۽ قبا به عاليشان ٺهرايا. مباح لفظ جي معنيٰ اها آهي ته ان ڪم ۾ گناه ڪونهي نڪي هروڀرو ڪو ثواب ئي آهي، بلڪ چئجي ته چڱيرڙو ڪم آهي، چو ته اسان جا بزرگ اهو ڪم ڪري ويا آهن.

منهنجو خيال اهو آهي، ته جيڪڏهن اصحابن سڳورن قبا ڪونه ٺهرايا ته انهيءَ ڪم کي بدعت سمجهڻ گهرجي. ٻيو سنو دليل هي آهي ته اسلام ۾ اسراف وڏو گناه آهي. قبن تي لکين رپيا خرچ اچي ٿا وڃن. اهي ساڳيا رپيا مسڪينن جي مدد ڪرڻ ۽ علم وڌائڻ ۽ اسلام کي ترقي وٺائڻ لاءِ خرچ ڪجن ته ڪيڏو نه ثواب ٿئي ۽ ڪيترو نه قوم جو فائدو ٿئي.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

باقي سوال رهيو قبن جي ڊاهڻ جو. ڊاهڻ وارا دليل ڏين ٿا تہ قبن ۾ بدعتن جا ڪم ٿا ٿين، تنهن ڪري ڊاهڻ چڱا آهن. مخالف وري چون ٿا تہ جيڪڏهن جاهل بدعتن جا ڪم ٿا ڪن تہ انهن کي سمجهائجي. ائين نہ تہ ”اتو ڪاڏو ڪئي مار پئي گابي.“ جيڪڏهن ڪو ماڻهو نماز يا قرآن شريف چڱيءَ طرح نہ پڙهي تہ ان کي سمجهائجي يا مورڳو ان کي نماز ۽ قرآن کان ئي منع ڪجي؟ جيڪڏهن مسجدن ۾ ڪي ماڻهو جهالت جا ڪم ڪن تہ مسجدون ڊاهي ڇڏڻ گهرجن ڇا؟ اهو دليل تہ سنو پر مسجدون ٺاهڻ ۽ قائم رکڻ ۽ نماز ۽ قرآن شريف پڙهڻ بابت الله ۽ الله جي رسول جا حڪم ثابت ٿيل آهن مگر قبن ٺاهڻ بابت ڪو بہ حڪم ڪونهي. ڪي وري چوندا آهن تہ قبن کي ڊاهجي نہ مگر انهن جي مرمت نہ ڪجي تہ پاڻهي نيٺ ڊهي ويندا ۽ نوان قبا نہ ٺاهڻ گهرجن. مخالف وري دليل ٿا ڏين تہ جيڪڏهن ٺاهڻ گناهہ آهن تہ ڊاهڻ ثواب آهن تہ پلي ماڻهو ڏسن ۽ عبرت وٺن ۽ آئينده لاءِ قبا نہ ٺاهين. جي ماڻهو قبن جي فائدي ۾ آهن سي هڪ چڱو سهڻو دليل ٿا ڏين تہ ڪنهن پياري دوست فوت ٿيل جي ڪا نشاني پاڻ وٽ موجود هوندي آهي تہ ان کي ڪيترو نہ سانڍيو آهي ۽ عزت سان رکبو آهي. پوءِ قبا جي وڏن وڏن بزرگن جي پاڪ جسم جي مٿان آهن تن کي ڊاهڻ ڪيڏي نہ بيحرمتي آهي. هي دليل بيشڪ چڱو آهي. مگر ناظرين هنن سيني ڳالهين تي غور ڪري پاڻ انصاف ڪن ڇو تہ هي نهايت نازڪ مسئلہ آهي. ڪن جو چوڻ آهي تہ قبن ڊاهڻ جي ڪري اهل قبر کي پاڻ خوشي حاصل ٿيندي جو سندس مٿان بدعت جي نشاني هلي ويندي.

## ملپي ۽ مرده شوئي جو ڌنڌو

سيني مذهبن جي تاريخ پڙهي ڏسو تہ معلوم ٿيندو تہ پنهنجي غرض لاءِ مذهب ۾ مشڪلاتون پيدا ڪرڻ جاهلن کي وڏيڪ جاهل ۽ گمراهہ ڪرڻ ۽ مذهب کي بگاڙي خراب ڪرڻ اهو ڪم ملان يا پادري يا برهمڻ فرقي جوئي هو. اسلام ۾ اهو فرقو هوئي ڪونہ. اسلام ۾ هر ڪوئي ملان آهي ۽ جيڪي ئي ضروري ڪم آهن سي هر ڪوئي پاڻ بہ ڪري ٿو سگهي. مگر زماني جيڪي انقلابات ڪري جي اڳئي بيان ڪيا ويا آهن ملان فرقو پيدا ٿي ويو. ملن بہ ساڳيوئي ڪم ڪيو آهي جو ٻين مذهبن جي پادرين ڪيو. فقط هيترو تفاوت آهي تہ ٻين مذهبن جي پادرين خدائي صحيفن کي ئي مٽائي ڇڏيو. يعني ڪي ڳالهيون ڪڍي ٻيون پنهنجون گڏي ڇڏيائون. مگر قرآن شريف بابت خود الله تعاليٰ پاڻ فرمايو آهي تہ مان ان کي محفوظ رکندس تنهنڪري قرآن شريف صحيح سلامت بنا ڦير ڦار جي خدا جي فضل سان موجود آهي. ازان سواءِ صحيح بخاري بہ سلامت موجود آهي. مگر تنهن هوندي بہ ملان فرقو


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

پاڻ کي ۽ ٻين کي گمراهه ڪرڻ ۾ اوتروئي ڪامياب ٿيو آهي جيترو ٻين مذهبن جا ملان ٿيا. اسان جي ملن قرآن شريف ۽ صحيح بخاري کي متائي ته ڪونه سگهيو نڪو متائڻ جو ضرورئي پيو. چو ته هن جا غرض هونئن ئي نڪري سگهيا ۽ سگهن ٿا ته پوءِ ٻي ڪوشش ڇو ڪن. قرآن شريف ۽ صحيح بخاري آهن عربيءَ ۾ انهن جو ترجمو ۽ تفسير ديسي مادري زبانن ۾ نه ڪيائون جي ڪيائون ته اهڙا ته ڪيائون جو عام ماڻهو ان مان فائدو وٺي نه سگهن. ازان سواءِ اهڙا خيال ڦهلايائون ته قرآن شريف ڪنهن سمجهيوئي نه آهي. مسئلن وغيره لاءِ ٻيا ڪتاب ڪافي آهن. قرآن شريف ثواب ۽ برڪت لاءِ پڙهڻ گهرجي. اهڙيءَ طرح ويچارا مسلمان جي انقلابات جي ڪري اڳئي جاهل هئا تن سڌيءَ طرح قرآن شريف ۽ حديثن جي علم سکڻ جي ڪوشش ئي ڪانه ڪئي. تنهنڪري هنن جو سڄو مدار ٿيو ملن تي. ملن کي به مزا لڳي ويا سو ڪيترائي روزگار جا وسيلا ٺاهي وڌائون.

اسقاط ڪرڻ لاءِ پيسا وٺڻ. ميت کي وهنجارڻ ۽ ڪفن دفن لاءِ پيسا وٺڻ. قرآن شريف بخشي پيسا وٺڻ. ماڻهو مري ته خاص خيراتون ۽ جمعاٽا وٺڻ. قبر تي قرآن شريف پڙهي يا ختما ڪدي پيسا وٺڻ. نڪاح پڙهڻ لاءِ پيسا وٺڻ. تعويذ لکي پيسا وٺڻ وغيره. اهي سيئي وسيلا پيدا ڪري ٻيا ڏنڊا ڇڏي ملپيءَ جو ڌنڌو اختيار ڪري ويهي رهيا. اهي ڏاڻ ملان جن مسڪينن جو ماڻهو مري تن جو گهر ٻاري ڏِياري ٿا ڪن. ڪنهن گهر تي مصيبت اچي ته ملان جو فصل پڃي. ڪو سڪر ماڻهو بيمار ٿئي ته ملان جو وات پيو پاڻي ڪري ۽ دل ۾ پيو چوي ته هاڻي خدا ڪڍيس ساهه ته منهنجو وارو وري. ارمان جي ڳالهه ته اها آهي ته اهل ميت وارن کي نه رڳو ملان ٺو ڦري پر مٽ مائٽ يار دوست اچي گڏ ٿين ۽ رات ڏينهن مانيون پيا ڪائين. جن ويچارن تي پياري قريب جي موت جي مصيبت اچي نازل ٿئي سي ملان کي هڪ پاسي گهر ڦري ڏين ته مهمانن کي ڪارائڻ ۽ خدمت ڪرڻ ۽ قرض ڪٽڻ جي مصيبت ٻئي پاسي سر تي ڪٽن. واهه ڇڱ مڙسي! انصاف ته هيئن ٿو چوي ته سڀ مٽ مائٽ يار دوست گڏجي چندو ڪري اهل ميت وارن کي به ڪارائين ۽ مهمانن کي به ڪارائين ۽ ٻيا روڪ پيسا ضرورتن لاءِ يا قرض لاهڻ لاءِ به اهل ميت واري کي ڏين.

مسلمان ڀائرو! خدا جي واسطي سجاڳ ٿيو پيرن، دوريشن ۽ ملن جي ڇنبي مان نڪرو. ڪين ڪجهه نه ڏيو. جيڪا سخاوت ڪرڻي هجيو اها مسڪينن يتمين ۽ رنن زالن لاءِ ڪيو. سڀ کان وڌيڪ ته هي ڳالهه آهي ته انهن معلمن کي پگهارون مقرر ڪري ڏيو ۽ هر طرح مددون ڪيو جيڪي اوهان جيڪي اولاد کي تعليم ڏين، اوهان کي قرآن شريف ۽ حديثون ٻڌائين ۽ خدا جي خلق کي امرباالمعروف ۽ نهي عن المنڪر ڪن.

ملن ماڻهن تي اثر وهاريا آهن ته نڪاح پڙهڻ، ميت کي وهنجارڻ، ڪفن ڏيڻ،


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

نماز پڙهائڻ ۽ دفن ڪرڻ ڏاڍا ڏکيا ڪم آهن مگر ايئن ناهي. نڪاح ۾ گهوٽ ۽ ڪنوار جي طرف کان قبوليت ڪرائجي ۽ مهر مقرر ڪرائجي ته نڪاح ٿي چڪو. پوءِ پڇي سگهي ته دعا پڙهجي ۽ زال مڙس جا حق حقوق سنديءَ ۾ بڌائجن نه ته نهيو.

ميت کي وهنجارڻ ۽ ڪفن دفن ڏيڻ ته بلڪل رواجي ڳالهيون آهن جيئن اچي تيئن پاڻ اهي ڪم ڪرڻ گهرجن. جنازي جي نماز رواجي نماز کان به گهٽو سولي آهي. سڀ ڪنهن کي سکڻ گهرجي ۽ ڪنهن کي به ڪٽي امام ڪجي.

## ناسخ منسوخ

اسلام جا احڪام بتدريج آهسته آهسته ايندا ويا. جيئن جيئن احڪام نازل ٿيندا ويا تيئن تيئن اڳوٽا عمل ڇڏي نازل ٿيل حڪمن جي مطابق عمل ڪيو ويو. مثلن مسلمان پهريائين شراب پيئندا هئا. پوءِ جڏهن وحي نازل ٿيو ته شراب حرام آهي تڏهن سيني شراب پيڻ ڇڏي ڏنو. نماز پهريائين بيت المقدس ڏي منهن ڪري پڙهي ويندي هئي پوءِ قرآن شريف جي حڪم موجب ڪعبت الله کي قبلو بنايو ويو. اهڙي طرح حديثن ۾ ناسخ منسوخ ٿي سگهي ٿو يعني رسول الله ﷺ ۽ اصحابن سڳورن جا پويان عمل ۽ قول جيڪڏهن اڳين عملن ۽ قولن جي مخالف آهن ته اڳين کي منسوخ يعني رد ۽ پوين کي ناسخ يعني رد ڪندڙ چئبو. محدثن جي لاءِ ضروري آهي ته نه رڳو ناسخ منسوخ حديثون ڇاڻن ۽ معلوم ڪن پر اهو به معلوم ڪن ته ڪهڙيون حديثون بلڪل صحيح ۽ معتبر آهن ۽ ڪهڙيون ضعيف آهن.

مگر هي مسئلو  ته خود قرآن شريف جون ڪي آيتون منسوخ آهن ۽ ڪي انهن جون ناسخ آهن غور طلب آهي. اهو دليل ڪافي ناهي ته اڳوٽا چئي ويا آهن ته ڪي آيتون منسوخ آهن تنهن ڪري هرويرو به برابر منسوخ هونديون. چو ته ڏسجي پيو ته اڳوٽن ۾ به ان بابت اختلاف آهي. جيڪڏهن سيني جو اتفاق هجي ها ته پوءِ به نهيو. پر رڳو هن ڳالهه تي اتفاق هجي ها ته فلاڻيون فلاڻيون آيتون منسوخ آهن ۽ فلاڻيون انهن جون ناسخ آهن ته پوءِ به نهيو. پر اتفاق نه هئڻ ئي ڏيکاري ٿو ته اهو مسئلو غور طلب آهي. مان اهو مسئلو جيڪر ڪين ڇيڙيان پر ڏسجي ٿو ته اتفاق نه هئڻ ڪري ايڏو رولو پئجي ويو آهي جو عملن سڄو قرآن شريف منسوخ سمجهيو وڃي ٿو. ڪنهن به عالم سان ڪنهن به مسئلہ تي بحث ٿو ڪجي ۽ حجت لاءِ قرآن شريف جي ڪا آيت پيش ٿي ڪجي ته پنهنجي ڳالهه اڳي ڪرڻ لاءِ ننڊ جواب ٿو ڏئي ته اها آيت منسوخ آهي. هڪڙي وڏي عالم سان بحث ڪندي ڪائنس پڇيو ويو ته جيڪڏهن اها خبر ئي ڪا نه رکبي  ته ڪهڙيون آيتون منسوخ آهن ته پوءِ قرآن شريف مان عملي هدايت ڪيئن وٺي سگهبي. جواب مليو ته عمل لاءِ فقه شريف ڪافي آهي. قرآن شريف رڳو ثواب لاءِ پڙهڻ گهرجي. هن جو مطلب اهو ٿيو ته عمل جي لاءِ فقه قرآن شريف کي منسوخ ڪري ڇڏيو ۽ هدايت


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

لاءِ قرآن شريف کي منسوخ ڪري ڇڏيو ۽ هدايت لاءِ الله تعاليٰ جي ڪلام جي اسان کي ڪا ضرورت ڪانهي. ڪو به فهم ۽ دماغ وارو انسان اها ڳالهه قبول نه ڪري سگهندو. تنهنڪري مان هينيان سوال ۽ خيال پيش ڪري استدعا ٿو ڪريان، ته هن مسئلي تي چڱي طرح غور ۽ فڪر ڪرڻ گهرجي.

قرآن شريف الله تعاليٰ جو ڪلام آهي جيڪو قيامت تائين اسان جي لاءِ ڪامل رهنمائي ڪرڻ لاءِ موڪليل آهي، نه فقط بنا سمجهه جي پڙهڻ لاءِ. قرآن شريف جون آيتون ۽ سورتون الله تعاليٰ وٽان حضرت جبرائيل آڻيندو هو. هن حالت ۾ جيڪڏهن ان جي ڪا به آيت منسوخ ڪرڻي هجي ها ته فقط الله تعاليٰ کي ئي اختيار هو ته پنهنجي ڪنهن حڪم کي پاڻ منسوخ ڪري ان جي عيوض ٻيو حڪم ڏئي ها ۽ حضرت جبرائيل جي وسيلي رسول الله ﷺ کي سڌ ڏئي ها ۽ رسول ﷺ جن وري سڀني مسلمانن کي متواتر طور بار بار ٻڌائڻ ۽ سڌ ڏيڻ فرمائين ها. پوءِ يا ته قرآن شريف مان ئي اهي منسوخ آيتون ڪڍيون وڃن ها نه ته ٻين آيتن جي وسيلي چٽيءَ طرح اعلان ڪيو وڃي ها ته فلاڻيون آيتون آئينده لاءِ منسوخ آهن مگر تبرڪن انهن جي تلاوت ڪرڻ گهرجي. بلڪل ظاهر آهي ته قرآن شريف ۾ رڳو اهڙو اشارو به ڪونهي ته فلاڻي آيت منسوخ آهي.

ڪي چوندا آهن ته فلاڻيون آيتون ظاهر ظهور مخالف حڪم رکن ٿيون تنهنڪري ضرور انهن مان هڪ حڪم منسوخ آهي ۽ ٻيو ان جو ناسخ آهي ۽ الله تعاليٰ کي ضرورت ڪان هئي جو وحي جي رستي سڌ ڏئي پر جيڪڏهن ڪي آيتون ظاهر ظهور مخالف هجن ها ته هيڏو اختلاف ڪونه ٿئي ها. حقيقت هيءَ آهي ته ڪي مفسر فقط پنج آيتون منسوخ ٿا سمجهن ته ڪي سون تائين وڃي ٿا پهچن. ڪي هڪڙيون آيتون منسوخ ٿا ٻڌائين ته ڪي وري بلڪل ٻيون. انهي مان سورهن آنا ثابت آهي ته آيتن جي مخالفت فقط تفسير ڪندڙن جي ناقص دماغ ۾ آهي. هڪڙن مفسرن کي هڪڙيون آيتون مخالف ڏسڻ ۾ اچن ٿيون ته ٻين کي وري ٻيون. تنهنڪري ظاهر ظهور مخالف هئڻ وارو خيال بلڪل غلط آهي. پر جيڪڏهن اختلاف ڪونه هجي ها ۽ ڪي آيتون سچ پچ ظاهر ظهور مخالف هجن ها ته وري ٻيو رولو ٿئي ها ته ڪيئن معلوم ڪجي ها ته انهن مان ڪهڙو حڪم منسوخ آهي ۽ ڪهڙو ناسخ يعني ڪهڙي آيت اڳي نازل ٿي ۽ ڪهڙي پوءِ. قرآن شريف جي ترتيب وقت موجب ناهي مگر مطلب ۽ مصلحت موجب آهي. يعني ائين ناهي ته قرآن شريف جون آيتون نمبر وار ائين نازل ٿيون جيئن ته قرآن شريف ۾ ترتيب وار ڏنل آهن. نڪي رسول الله ﷺ اهڙو تاڪيد فرمايو ته لکي ڇڏيو يا ياد ڪري ڇڏيو ته فلاڻي آيت اول نازل ٿي پوءِ هي وغيره وغيره.

حضرت علي رضي الله عنه بابت چوڻ ۾ اچي ٿو ته قرآن شريف انهيءَ ترتيب سان لکيائين جنهن ترتيب سان نازل ٿيو. خبر ناهي ته اهو سچ پچ وقت جي ترتيب تي سورهن آنا


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

صحيح هو يا نہ پر اُهو قرآن شريف رائج ڪونہ ڪيائين. مفسرن گھڻي ڪوشش ورتي ٻڌايو آهي تہ فلاڻيون آيتون فلاڻي وقت نازل ٿيون مگر هو سيني آيتن ۽ سورتن بابت پورو وقت ٻڌائي نہ ٿا سگھن. ان ڳالھ تي مفسرن جو اتفاق بلڪل ڪونهي. هر ڪنهن پنهنجي فهم آهر پنهنجو پنهنجو خيال هلايو آهي. مگر هيترو آهي تہ گھڻين آيتن ۽ سورتن بابت گھڻي قدر اتفاق آهي ۽ معلوم آهي تہ فلاڻي وقت فلاڻي موقع تي نازل ٿيون.

ٻيو سوال هي آهي تہ جيڪڏهن قرآن شريف ۾ منسوخ آيتن بابت چِٽائي ٿيل ڪانهي تہ ڪم از ڪم رسول الله ﷺ جا قول مبارڪ موجود هجن ها. الله تعاليٰ جو ڪلام منسوخ سمجھڻ ڪا جھڙي تهڙي ڳالھ تہ ڪانهي. جيڪڏهن سچ پچ ڪا قرآني آيت منسوخ هجي ها تہ قدسي حديث نازل ٿئي ها جا بار بار مسلمانن کي ٻڌائي وڃي ها بلڪ هميشہ لاءِ قلمبند ڪرائي وڃي ها. تحقيقات مان معلوم ٿو ٿئي تہ رسول الله ﷺ جو هڪ بہ قول اهڙو ڪونهي جو ٻڌائي تہ فلاڻي آيت منسوخ آهي.

ناظرين صاحبو غور ڪرڻ فرمايو تہ جيڪڏهن الله تعاليٰ ۽ سندس رسول ﷺ ڪنهن بہ قرآني آيت جو منسوخ هجڻ نہ ٻڌايو تہ ڪنهن بہ انسان کي اختيار آهي ڇا تہ الله جي ڪلام جي ڪنهن بہ ڀاڱي کي رد سمجھي. افسوس ۽ صد بار افسوس تہ اهو آهي جو هر هڪ مفسر بلڪ هر هڪ مولوي کي اختيار ملي ويو آهي تہ جنهن آيت کي وڻيس تنهنکي منسوخ سمجھي. الله جي ڪلام جي اها عزت!

قرآن شريف ۾ ٻہ آيتون آهن جن ۾ نسخ جو لفظ آيل آهي. انهن مان دليل ورتو وڃي ٿو تہ قرآن شريف جون ڪي آيتون منسوخ آهن. انهن آيتن مان اگرچ اهو مطلب وٺجي تہ ڪي قرآني آيتون منسوخ آهن تہ بہ ائين تہ چٽاٽايل ڪونهي تہ ڪهڙيون آيتون منسوخ آهن. هاڻي اسان کي غور ڪرڻ گهرجي تہ انهن آيتن جو مطلب ڇا آهي:

پهرين آيت سورت بقر ۾ 13 رڪوع ۾ آهي. ان جو مطلب تہ جيڪا بہ آيت منسوخ ٿا ڪريون يا وسارائي ٿا ڇڏيون تہ ان کان بهتر يا ان جھڙي نازل ٿا ڪريون. هاڻي سوال آهي تہ آيت جي معنيٰ قرآني آيت آهي يا وحي يا پيغام يا حڪم جيئن لغتن ۾ ڏنل آهي ۽ قرآني آيتن ڏي شارو آهي يا اڳين صحيفن جهڙوڪ انجيل ۽ تورات ڏي اشارو آهي. جيڪڏهن انهيءَ آيت کان اڳيون ۽ پويون آيتون پڙهي ڏسبيون تہ معلوم ٿيندو تہ يهودين کي خطاب ڪيل آهي ۽ ساڻن بحث هلندڙ آهي. اڳين ٻن رڪوعن ۾ يهودين جي هڪڙي اعتراض جو بيان ڏنل آهي. اهو اعتراض رسول الله ﷺ تي وحي نازل ٿيڻ بابت آهي تہ اسان کو نئون وحي قبول ڪري نٿا سگھون جو بني اسرائيلن تي نازل نہ ٿيو آهي. يارهين رڪوع ۾ 90 ۽ 91 آيتن ۾ اهو اعتراض چٽو بيان ڪيل آهي. هن طرح خرابي آهي اُها جنهن لاءِ پنهنجا نفس وڪڻي ڇڏيا اٿن جو هو خدا جي نازل ڪيل وحي کي نٿا مڃين انهيءَ حسد کان جو الله تعاليٰ


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

پنهنجي فضل سان پنهنجي ٻانهن مان جنهن(يعني رسول ﷺ) تي وڻيس ٿو تنهن تي نازل ڪري ٿو هو چون ٿا تہ اسين ان ڪي ٿا مڃيون جو اسان تي نازل ٿيو، ۽ ان کان سواءِ ٻئي وحي کي نٿا مڃئون. ساڳيوئي مضمون 13 رڪوع ۾ بہ هليو ٿو اڇي ۽ يهودين سان خطاب ۾ بحث آهي. سندن اعتراض هو تہ ڇو نئون وحي حضرت ﷺ تي نازل ٿيو آهي ۽ ڇو نوان حڪم ڪڍيا ويا آهن. انهيءَ اعتراض جو جواب ضرور ڏيڻو هو. ان جو جواب ڪجھ 105 آيت ۾ ۽ ڪجھ هن 106 نسخ واري آيت ۾ ڏنل آهي جنهن جو مطلب مٿي ڏنو ويو آهي. 105 آيت ۾ جواب ڏنل آهي تہ الله تعاليٰ (پنهنجي وحي نازل ڪرڻ لاءِ) جنهن کي وڻيس ٿو تنهن کي چونڊي ٿو ۽ 106 آيت ۾ جواب ڏنل آهي تہ جيڪڏهن هڪڙو حڪم يا قانون (يعني يهودين تي نازل ٿيل وحي) منسوخ ڪيو ويو آهي تہ ان کان بهتر حڪم رسول الله ﷺ جي معرفت ڏنو ويو آهي. لفظ آيت جنهنجي معنيٰ پيغام يا وحي آهي تنهنجو مطلب هت قرآني آيت نہ آهي پر يهودين کي ڏنل پيغام يا قانون يا حڪم ڏي شارو آهي. هن کان پوءِ جيڪا ٻي آيت ٿي اچي يعنيٰ 107 آيت تنهن ۾ قدرت جي قانون ڏي ڌيان ڇڪايو ويو آهي. اها حقيقت آهي تہ فطرت ۾ نئين شيءِ پراڻيءَ جي جاءِ تي پري ۽ چڱي شيءَ سادي شيءَ جي جاءِ تي پري. تنهنڪري اها ڳالھ فطرت جي قانون موافق آهي تہ حضرت موسيٰ تي نازل ٿيل قانون جو خاص طرح فقط هڪڙي قوم لاءِ ۽ مقرر زماني لاءِ هو ۽ سندن ئي ضرورتن لاءِ مناسب هو سو مٽائي نئون قانون قائم ڪجي جو سڄي دنيا لاءِ ۽ هميشہ لاءِ مناسب هجي: يعني اسلام جو قانون. پراڻو قانون ڪجھ قدر وسري ويل هو ۽ جيڪي باقي رهيل هو سو منسوخ ڪري ڪن حالتن ۾ ان کان بهتر ۽ ڪن حالتن ۾ ان جهڙو نازل ڪيو ويو. هن مان ڏسڻ ۾ ايندو تہ انهي آيت ۾ يهودين جي قانون جي منسوخ ٿيڻ ڏي اشارو آهي ۽ ان ۾ يهودين جي اعتراض جو جواب آهي ۽ قرآن شريف جي آيتن جي منسوخ ٿيڻ جي ڳالھ ئي ڪانهي. سورت النحل جي چوڏهين رڪوع جي پهرين آيت بہ ڏسو. اها مڪي شريف ۾ نازل ٿيل آهي تنهنڪري صاف طرح ظاهر آهي تہ ان آيت ۾ ساڳئي قسم جا ڪم آيل لفظ فقط اڳوڻي قانون جي منسوخ ٿيڻ ڏي اشارو ڪري سگهن ٿا ڇو تہ اسلامي قانون تفصيل وار مدينہ منور ۾ نازل ٿيڻ شروع ٿيا، تنهنڪري ممڪن ئي ڪونہ هو تہ مڪي شريف ۾ ڪي قرآني آيتون منسوخ ٿين. خود اهي مفسر جي ناسخ منسوخ جو مسئلو مڃن ٿا يعني چون ٿا تہ قرآن شريف جون ڪي آيتون منسوخ آهن اهي پاڻ ئي ڪا مڪي شريف ۾ نازل ٿيل آيت ڪا نہ ٿا ٻڌائين جا ڪنهن اڳين آيت جيڪي ناسخ هجي يعني ان کي منسوخ ڪري. پوءِ ڪيئن چئي سگهبو تہ انهي النحل سورت واري آيت ۾ قرآن شريف جي ڪنهن آيت جي منسوخ ٿيڻ ڏي اشارو آهي. اها سڄي سورت مڪي شريف ۾ نازل ٿيل آهي ۽ اهڙي ڪا بہ ثابتي ڪانهي تہ جڏهن رسول الله ﷺ جن مڪي شريف ۾ هئا تڏهن ڪا بہ آيت


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

منسوخ ٿي. ازان سواءِ اها آيت پاڻ ئي ڏيکاري ٿي ته خود قرآن شريف کي منڪرن افتريٰ يعني هٿراڌو گهڙيل ٿي سمجهيو نه ڪنهن حڪم جي ڦيرقار ڪي، جنهن سان منڪرن جو ڪو واسطو ئي ڪونه هو. منڪرن جو اعتراض هو ته نئون وحي ڇو ٿو اچي جڏهن اڳيون وحي موجود آهي، يا سندن پراڻين رسمن ۽ خيالن جي ترڪ ڪرڻ تي اعتراض هون جي رسمون ۽ خيال هنن جي لاءِ مقدس ٿي چڪا هئا. پهرين حالت جو جواب آهي ته جنهن روح القدس حضرت عيسيٰ عليه السلام ۽ ٻين پيغمبرن تي وحي آندو، سوئي رسول الله ﷺ تي وحي ٿو آڻي ۽ ٻي حالت جو جواب آهي ته سندن رسمن رواجن جو بنياد وحي تي ناهي مگر، قرآن شريف جو بنياد وحي تي آهي.

سورت بقر جي 31 رڪوع 240 آيت ۾ آهي ته توهان مان جيڪي وفات ڪن ۽ زالون ڇڏي وڃن سي پنهنجي زالن جي فائدي لاءِ وصيت ڪن ته انهن کي هڪ سال ڪارائجو پيارجو ۽ ڪڍي نه ڇڏجو. پر جيڪڏهن پاڻ هليون وڃن ته پوءِ توهان تي ڏوهه ڪونهي ان بابت جيڪي پاڻ وچي جائز ڪم ڪن (يعني شادي ڪن).

ساڳي سورت ۾ رڪوع 30 ۾ آيتن 234 ۽ 235 جو مطلب آهي ته عورت مڙس مئي ڪان پوءِ 4 مهينا ۽ ڏهه ڏينهن ترسي پوءِ جيڪڏهن وچي شادي ڪري ته توهان تي ڏوهه ڪونهي.

سورت النساءَ جي ٻئي رڪوع ۾ 12 آيت ۾ زالن جو حصو مقرر ڪيل آهي ته جيڪڏهن عورت جو مڙس مري ۽ مڙسن اولاد ڪونه ڇڏي ته زالون چوٿون حصو ملڪيت جو ڪٽن نه ته اٺون حصو.

پهرين آيت بابت چيو وڃي ٿو ته انڪي پويون آيتون منسوخ ٿيون ڪن. مگر ظاهر پيو آهي ته پوين ٻن ۾ پهرينءَ جي ابتڙ حڪم آهي ئي ڪونه. 234 ۽ 235 آيت ۾ 4 مهينن ۽ ڏهن ڏينهن جي عدت شادي بابت مقرر ڪيل آهي مگر 240 ۾ عدت جي ڳالهه ئي ڪانهي. ان ۾ فقط هڪ سال رهائڻ ۽ ڪارائڻ پيارڻ جي ڳالهه آهي. ۽ ان آيت جو پويون ڀاڱون چٽو ڪري ٿو ڏيکاري ته جيڪڏهن زال پنهنجي مرضيءَ تي گهر ڇڏي ته پوءِ اهڙي مهرباني جي حقدار ناهي يعنيٰ پوءِ پنهنجو وچي ڪائي پيئي. ۽ فوتيءَ ڪان وارثن تي ڪا ميار ڪانهي، جيڪڏهن اُها زال وچي جائز ڪم ڪري يعني 4 مهينن ۽ 10 ڏينهن واري عدت گذرڻ بعد وچي ٻيو نڪاح ڪري. سورت النساءَ جي 12 آيت ۾ جيڪو چوٿون يا اٺون حصو ڄاڻايل آهي سو به فوتيءَ جي زال کي ملڻو آهي ۽ ان جي علاوه سورت بقر جي 240 آيت ۾ ان کي هڪ سال رهائڻ ۽ ڪارائڻ پيارڻ جي وصيت ڪرڻ جي به هدايت ڪيل آهي ۽ خود انهيءَ 12 آيت ۾ فرمايل آهي، ته ملڪيت جي حصن ڪرڻ ڪان اڳي وصيت جو بار لاهڻو آهي يعني ڪيل وصيت وارو ڀاڱو ڪڍي پوءِ باقي ملڪيت کي شرعي قانونن موجب وارثن ۾ ورهائڻو آهي. جنهن صورت ۾ هي 240 آيت ۾ ڪنهن به ٻي آيت جي مخالف حڪم ڪونهي تڏهن


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

اسان کي کھڙو حق آهي ان کي منسوخ سمجھڻ جو. ائين بہ برابر ناهي تہ پھريائين فوتيءَ جي زال لاءِ رڳو ايترو حصو مقرر ڪيو ويو هو، جو هن کي ٻارهن مهينن جي گذارن لاءِ ڪافي ٿئي. ٻارهن مهينا رهائڻ ۽ ڪارائڻ پيارڻ جو حڪم ان جي وڌيڪ فائدي جي لاءِ آهي. ان پنيان جيڪا ٻي آيت، 241 آهي تنهن ۾ رڳو طلاق ڏنل زال کي بہ گذران ڏيڻ لاءِ حڪم آيل آهي، جيڪو حڪم متئين خيال کي وڌيڪ چٽو ٿو ڪري ڇو تہ طلاق ڏنل زال وارث طور گذران جو حق وٺي نٿي سگھي.

صحيح بخاريءَ ۾ هڪڙي حديث آهي تہ حضرت عثمان ۽ حضرت ابن زبير رضي الله عنهما فوتي جي زال کي هڪ سال رهائڻ وارو حڪم منسوخ سمجھيو مگر اُها ساڳي حديث ڏيکاري ٿي تہ حضرت عثمان اها پنهنجي راءِ ڏني يعني ائين ڪونہ فرمايائين تہ رسول الله ﷺ ائين فرمايو هو ۽ جڏهن حضرت ابن زبير ڪيس ڇيو تہ پوءِ اها آيت ڪڍي ڇڏيو تہ جواب ڏنائين تہ جيڪي رسول الله ﷺ جن ڇڏي ويا آهن تنهن ۾ مان ڪجھ بہ ڦير ڦار ڪري نٿو سگھان. هن مان ثابت آهي تہ رسول الله ﷺ ڪڏهن ڪونہ فرمايو تہ هي آيت منسوخ آهي ۽ حضرت عثمان کي بہ اها خبر هئي. تنهنڪري ئي ڦير ڦار ڪرڻ جي جرائت نہ ڪيائين. جيڪي حديث مان ظاهر ٿو ٿئي سو هي آهي تہ حضرت عثمان رضي الله عنه سمجھيو تہ هڪ سال رهائڻ وارو حڪم فرض حڪم هو يعني ضروري حڪم هو تنهنڪري ڪيس 235 آيت سان موافق نہ ڏسڻ ۾ آيو. پر نہ رڳو اهو حڪم فرضي نہ هو جيئن ترجمي مان ظاهر آهي پر جيڪڏهن فرضي هجي ها تہ 235 آيت واري حڪم کان مخالف ڪرڻ ٿو ٿئي جيئن حضرت مجاهد رضي الله عنه سمجھايو آهي ۽ جيڪا سمجھاڻي حضرت عثمان واري حديث سان گڏ صحيح بخاري ۾ ڏنل آهي. حضرت مجاهد فرمائي ٿو تہ الله تعاليٰ ڪيس (فوتي جي زال کي) سڄو سال ڏنو: ست مهينا ۽ 20 ڏينهن وصيت هيٺ مرضيءَ تي ڇڏيل. جيڪڏهن مرضي پويس تہ وصيت هيٺ سڄو سال رهي ۽ جيڪڏهن مرضي پويس تہ گھر ڇڏي ٿي سگھي ۽ شادي ڪري ٿي سگھي (چئن مهينن ۽ ڏهن ڏينهن جي عدت بعد) جيئن قرآن شريف ٿو فرمائي تہ جيڪڏهن پنهنجي مرضي سان ڇڏي وڃن تہ پوءِ اوهان تي ڏوھ ڪونهي.

ظاهر آهي تہ ڪنهن بہ آيت جي منسوخ ٿيڻ بابت حضرت رسول الله ﷺ جو قول تہ موجود ڪونهي پر اصحابن مان بہ شايد فقط اهو ئي هڪ متيون قول موجود آهي. اسان کي اصحابن سڀني ۽ خصوصن خلفاء راشدين لاءِ ايڏي عزت آهي ائين چوڻ تہ فلاڻي اصحاب سڳوري ڪان فلاڻي سهو ٿي ويئي ذري گھٽ ڪفر جي برابر پيو لڳي ۽ ڊپ ڪان جسم کي ڏرڙي اچيو وڃي. مگر حقيقت هيئن آهي تہ خود رسول الله ﷺ جي بہ انهن قولن کي وڌيڪ ضروري سمجھيو وڃي ٿو جي متواتر طور روايت ڪيل آهن. ازانسواءِ اصحاب سڳورا بہ نيٺ انسان هئا، پيغمبر تہ ڪونہ هئا. جيڪڏهن گھڻن ڏندن جي وچ ۾ ڪا ڳالھ چئي وڃي جا هرو ڀرو صحيح نہ هجي تہ ممڪن آهي ۽


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

ان ۾ اصحابن سڳورن جي شان جي گھٽتائي ڪانهي. گھٽتائي تڏهن آهي جڏهن ڪو اصحابي سڳورو گناهہ جو ڪم ڪري ويهي. ڪيترريون ئي روايتون موجود آهن تہ خود حضرت عمر جنهن جي علم ۽ قابليت جو داد مسلمان خواه غير مسلمان ڏيئي رهيا آهن سو بہ بعضي غلط فتويٰ ڏيئي ويهندو هو ۽ حضرت علي ان ڪي درست ڪندو هو جنهن تي حضرت عمر بلڪل ڪشاده دلي سان فرمائيندو هو. لولاعلي لهلڪ عمر ”اگر علي رهنمائي نہ ڪري ها تہ عمر هلاڪ ٿي وڃي ها“ والله اعلم بالصواب.

پيون بہ چار آيتون اهڙيون آهن جيڪي گھڻو ڪري سيني مفسرن منسوخ سمجھيون آهن. انهن تي بہ بحث ڪبو تہ مضمون ڊگھو ٿي ويندو. جن عالمن ڪي ان مسئلي تي غور ڪرڻ جو چاهہ ٿئي سي مولوي احمد علي لاهور واري جو تفسير گھرائي پڙهن.

ڇيو وڃي ٿو تہ جيڪي آيتون منسوخ ٿيون تن جو حڪم انهن جي منسوخ ٿيڻ جي وقت تائين مصلحتاً موزون هو. پوءِ ان حڪم تي عمل ڪرڻ جي ضرورت ڪان رهي. مان پڇان ٿو تہ جيڪڏهن ان وقت ڪي حالتون اهڙيون هيون جو اُهو حڪم مصلحتن موزون هو تہ اهڙيون ساڳيون حالتون دنيا جي ڪنهن بہ ڀاڱي ۾ وري اڄ تائين نہ ٿيون ۽ نہ ٿينديون ڇا؟ پر جيڪڏهن سچ پچ ائين آهي تہ مهرباني ڪري عالم سڳورا ٻڌائڻ فرمائين تہ ڪهڙيون آيتون منسوخ آهن ۽ ڪهڙيون انهن جون ناسخ آهن. منسوخ آيتون ڪڏهن نازل ٿيون ۽ ناسخ ڪڏهن. منسوخ آيتن جا حڪم ڪهڙين خاص حالتن جي ڪري نازل ٿيا هئا ۽ پوءِ ڪهڙيون حالتون پيدا ٿيون جنهنڪري اهي حڪم موزون نہ رهيا ۽ پوءِ دنيا جي هر هڪ ملڪ لاءِ ۽ هر ڪنهن زماني لاءِ نوان حڪم موزون سمجھڻ ۾ آيا.

جيڪي آيتون ناسخ منسوخ سمجھيون وڃن ٿيون تن جي جيڪڏهن اهڙي معنيٰ وٺي سگھجي جو نڪي پاڻ ۾ مخالف ڏسڻ ۾ اچن نڪي ڪنهن ٻيءَ آيت يا حضرت جن جي صحيح قول ڪان مختلف ڏسڻ ۾ اچن ۽ اها معنيٰ عقل جي مطابق بہ هجي تہ پوءِ ڇو نہ اهڙي معنيٰ وٺڻ گھرجي. اها ڳالھ تہ ظاهر آهي تہ وڌيڪ زيباور آهي ۽ سهڻو عقيدو اهو آهي تہ قرآن شريف ۾ ڪي بہ ٻہ آيتون هڪ ٻئي جي مخالفت ۾ نہ آهن ۽ الله تعاليٰ ائين ڪونہ ڪيو جو پهريائين هڪڙا حڪم ڏنائين ۽ پوءِ اهي حڪم رد ڪري وري ٻيا ڏنائين. قرآن شريف جي سچائيءَ جو ثبوت خود قرآن شريف ۾ هڪڙو هي ڏنل آهي تہ جيڪڏهن هي الله تعاليٰ جو ڪلام نہ هجي ها تہ منجھس گھڻو اختلاف ڏسو ها. ناظرينن ڪي معلوم هوندو تہ قرآن شريف جون آيتون ۽ سورتون جدا جدا وقتن تي 23 ورهين جي عرصي اندر نازل ٿيون. جيڪڏهن ڪنهن بہ انسان جي زبان ڪان (تہ الله تعاليٰ وٽان) نڪتل 23 ورهن جا الفاظ لکندا وڃجن تہ ڏسبو تہ ڪيترائي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

قول ٻين قولن کان مخالف ڏسڻ ۾ ايندا ڇو ته هڪ ته انسان جو عقل اڻپورو ناقص هيو وري 23 ورهين جي عرصي ۾ خيال پيا ڦرن گهرن. مگر الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته قرآن شريف ۾ اختلاف بلڪل ڪونهي. جيڪڏهن اختلاف ڪونهي ته پوءِ ناسخ منسوخ آيتون وري ڪيڏانهن آيون.

هڪڙي وڏي عالم بزرگ کي مٿيان سوال لکي موڪليا ويا. مهرباني ڪري جواب ۾ لکڻ فرمايائين ته اسان وٽ روبرو اچو جو هت سڀ ڪنهن قسم جا ڪتاب موجود آهن ۽ روبرو چڱي طرح سمجهائي سگهبو. اها ڳالهه سندس صحيح آهي ته خطن جي وسيلي صفائي ڪرڻ ته محال آهي پر رڳو روبرو گفتگو ڪرڻ ۾ به هر ڪوئي پنهنجي ڳالهه تي ضد وٺي ٿو بيهي. بيشڪ انسان ضعيف آهي. ڄاڻي واڻي ضد ڪرڻ هڪ عظيم گناه آهي. باقي جيڪڏهن سچ پچ سندس خيال ۾ ڳالهه نٿي اچي ته پوءِ مٿس ميار ڪانهي. هميشه الله تعاليٰ کان اهو ئي سوال ڪجي ته الله تعاليٰ منهنجو علم وڌاءِ منهنجو قلب روشن ڪر ۽ گمراهين ۽ غلطين کان پناهه ڏي. تاهم مهرباني ڪري لکڻ فرمايو اٿس ته اوهان جي سيني سوالن ۽ اعتراضن جو بنياد هڪڙو آهي ۽ سوال ۽ اعتراض ڪيترا به هجن سڀ انهيءَ جون شاخون آهن ۽ اصول هڪڙو ئي آهي ۽ انهيءَ جو اصلاح اوهان جي سيني خيالاتن جو اصلاح ئي آهي ۽ اصل مرض، جيڪو هڪڙو ئي آهي ۽ ٻيا سڀ انهيءَ جا عوارض آهن.

## اهو ڪهڙو آهي؟

پنهنجي علم ۽ عقل کي يا هن زماني جي آزاد خيال مولوين جي تصنيف ۽ تاليف کي اڳوڻن امامن ۽ مجتهدن سان برابر بلڪ زياده سمجهيو وڃي ٿو ۽ متقدمين ۽ سلف صالحين جي شان کي نظر عزت ۽ وقعت ۽ اعتبار سان ڏٺو نٿو وڃي ۽ قرآن حديث جي معنيٰ يا تفسير، جيڪا هنن سمجهي يا ڪئي آهي سا غلط يا غير صحيح سمجهي وڃي ٿي. حالانڪ انسان جو عقل بالبداهت قطعن حڪم ڪري ٿو ته اهي اسان کان ۽ هن زماني جي عالمن کان علم، عقل، تقويٰ، طهارت ۽ دينداري ۾ هزار درجا اعليٰ ۽ افضل ۽ اڪمل هئا. وحي براهه راست انهنجي مٿان نازل ٿيو ٿي. حديث شريف جا احڪام روبرو بلاواسطه پاڻ ٻڌائون ٿي ۽ اسلام جي عقائد ۽ احڪام ۽ اصولن جي پاڻ تبليغ ڪيائون ٿي. دين جي اڏاوت ۽ اسلام جي عمارت پاڻ پنهنجي هٿن سان تعمير ڪيائون ٿي. اصول مذهب ۽ عقائد احڪام جي صفائي يقيني طرح سان ڪري سگهيا ٿي ۽ ڪري چڪا ۽ اڪمال دين ڪامل ٿي ويو ۽ ڪو به نقص ۽ رخنو ۽ منجهيل ڳالهه جيڪا تشنهٔ تحقيق هجي باقي نه رهي. هاڻي اسين انهن جي تحقيق ۽ انهن جي فيصلي ۽ انهن جي تفسير ۽ معنيٰ شرح ۽ تفصيل تي عمل ڪريون يا هن زماني جي مولوي محمد علي يا سر سيد احمد جي تفسير ۽ معنيٰ تي؟ جا هنن


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

متقدمين جي شرح ۽ تفسير ۽ معنيٰ جي بلڪل برخلاف ڪئي هجي.

اوهان پاڻ لکيو آهي ته افسوس! هر هڪ مفسر کي اختيار ملي ويو آهي ته جنهن آيت کي وڻيس تنهن کي منسوخ سمجهي. اها ساڳي افسوسناڪ ۽ خطرناڪ مولوي محمد علي وغيره سان لاڳو چو نه ٿا ڪريو ۽ انهن کي انهيءَ مورد ڪتاب ڪان آزاد ۽ پاڪدامن ڇو ٿو سمجهيو وڃي، جيڪڏهن ٻين اڳوڻن مفسرن تي اهو الزام اچي ٿو سگهي ته هن کي ڇو هن ڪان پري بيزار سمجهيو وڃي. جيڪڏهن اڳوڻا مفسر انسان هئا ۽ انهن ڪان غلطي ۽ خطا جو امڪان آهي ته هنن ڏانهن ڇو نه اهو گمان ڪجي. اها ته بي انصافي ڇئبي جو اڳوڻن ڪان خطا ۽ غلطي جو امڪان ۽ وقوع قبول ڪريون ۽ هنن ڪان بلڪل ناممڪن ۽ هنن کي بلڪل معصوم سمجهون ۽ پنهنجي عقل سان تفسير ڪرڻ جي اختياري ڏيون. حالانڪ متقدمين وٽ "تفسير بالرأي" ڪرڻ سخت ممنوع ۽ وڏو گناهه جيڪو جرم عظيم قريب سرحد ڪفر يا عين ڪفر هو. جهڙيءَ طرح حديث صحيح ۾ انهيءَ جي سخت ممانعت آئي آهي، ڇو ته پنهنجي مطلبن تي نصوصن جي معنيٰ ڦيرائڻ آسان آهي. هر هڪ گمراهه فرقو قادياني هجي يا نيچري، رافضي هجي يا وهابي ساڳئي قرآن شريف مان پنهنجو دليل وٺندا آهن ۽ پنهنجي مطلب موافق معنيٰ ناهيندا آهن اگرچه لغت ۽ اصطلاح جي روءِ سان غير صحيح هجي.

مگر اسان اهل السنت والجماعت جو عقيدو ۽ اصول اهو آهي ته اسين اُها معنيٰ وٺنداسون جيڪا اصحابن سڳورن ۽ تابعين ۽ تبع تابعين ورتي آهي ۽ انهيءَ شارع عام تي هلنداسين جنهن تي سلف صالحين هلي ويا آهن ۽ جيڪو رستو هو گهڙي ويا آهن اُها ئي واٽ هدايت جي آهي ۽ انهيءَ ۾ اسان جي نجات آهي. انهيءَ مضمون تي گهڻو ڪجهه لکي سگهجي ٿو، ڇئي سگهجي ٿو، مگر عاقلن لاءِ اشارو ڪافي آهي ۽ طالب حق لاءِ ايترو بس آهي "درخانه اگر کس است يکحرف بس است". جيڪڏهن ماڻهوءَ ۾ ماڻهپو موجود آهي ته ان جي هدايت لاءِ هڪ حرف ڪافي آهي.

اوهان جو مکيه اعتراض ناسخ منسوخ بابت هي آهي ته قرآن ڪلام خدائي آهي ۽ نه ڪلام انساني. تنهن ۾ قيامت تائين ڪو اختلاف ۽ ڦير ڦار ۽ ناسخ منسوخ نه هئڻ ڪپي ۽ انهيءَ جي مڃڻ ڪري ڪلام خدائي جي توهين ۽ بي عزتي ٿي ٿئي الخ - سو معلوم هجي ته بيشڪ اختلاف ۽ تناقض ۽ ڪذب ڪلام خدائي ۾ ممنوع ۽ محال ۽ ناممڪن ۽ غير واقع آهي مگر اختلاف ۽ تناقض ٻي شي آهي ۽ ناسخ منسوخ ٻيو - اختلاف ڪان ناسخ منسوخ مراد وٺڻ غلط فهمي آهي ڇو ته اختلاف ۾ وحدت موزوع محمول، زمان، مڪان وغيره وغيره مشروط آهي. ناسخ ۽ منسوخ ۾ انهن جو زمانو مختلف آهي ۽ جيڪڏهن اوهين قرآن شريف ۾ انهيءَ سبب ڪري ناسخ منسوخ هجڻ ناجائز ۽ نا مناسب ٿا سمجهو ته ڪلام خدائي آهي تنهن ۾ ڇو ڦير ڦار ۽ تغير تبديل ٿئي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ته اهو سوال ساڳيو توريت ۽ انجيل تي به وارد ٿئي ٿو. اهي به بيشڪ ڪلام خدائي آهن. انهن جا احڪام جو منسوخ ٿيا ۽ قيامت تائين جو نه رهيا جن جو قرآن شريف سان منسوخ ٿيڻ اوهين پاڻ قبول ڪريو ٿا. پوءِ جيڪو جواب ۽ جيڪو سبب اوهين تورات ۽ انجيل جي پاران ڏيندا اُهو ساڳيو جواب اسين قرآن شريف ۾ ناسخ منسوخ ٿيڻ لاءِ ڏينداسين. انهيءَ اعتبار ڪري ته قانون ۽ ڪلام خدائي آهن ۽ ڪتاب منزل بالوحي آهن. سيني جو هڪڙو حڪم آهي ۽ هڪ ڳالھ آهي.

مون سچو جواب بنا ڦير ڦار جي ڏنو آهي نه ته ڪن مناظرو (اهو مناظره ناهي پر مڪابره آهي) ڪندڙن جو دستور آهي جو فقط ڪي ڪي ٽڪرا ڪڍي انهن ۾ به ٿوري گهٽي تبديل ڪري مروڙي سروڙي پوءِ جواب ڏيندا آهن. مان ته سڀ الفاظ هو بهو لکي پوءِ به رد ڏيڻ بي انصافي ٿو سمجهان جو ته هڪ ته هي خط خانگي آهي نه ڇپڻ لاءِ. ٻيو وري جيڪڏهن ڪيس سڌ هجي ها ته ڇپجڻ ۾ ايندو ته وڌيڪ تفصيل سان ۽ وڌيڪ دليلن سان لکي ها. اهوئي سبب آهي جو مان سندس نالو مبارڪ ظاهر نه ٿو ڪريان.

مان انهن مان ناهيان جو پنهنجي خيالن تي اڙيو رهان ۽ ضد ڪان بحث مباحثو ڪيان يا حق جي تلاش ڪان منهن موڙيان. مگر مان ضعيف انسان آهيان قليل العلم ۽ قليل عقل آهيان. مان هميشه الله تعاليٰ ڪان سوال گهرندڙ آهيان ته مون کي غلطين ۽ گمراهين ڪان رکي (پناهه ۾) وٺ. پوءِ به جيڪڏهن سخت غلطيون مون ۾ رهجي وڃن ته منهنجو ان ۾ ڪهڙو وس. الله تعاليٰ دلين جو مالڪ آهي ۽ عملن جو نتيجو به نيتن تي ڏيندڙ آهي. عملاً غلطينِ جو نتيجو ضرور ملندو اگرچه نيت چڱي هجي مگر نيت بخشڻ وارو آهي. باقي عقلاً غلطي لاءِ ڪو به علاج ڪونهي سواءِ سندس فضل جي. ليس للانسان الا ماسعيٰ. مان ڪوشش به ڪيان ته صحيح خيالن تي پهچان ۽ الله تعاليٰ ڪان هدايت به گهران پوءِ به صحيح خيالن تي نه پهچان ته منهنجو ڪهڙو قصور منهنجو علم ۽ عقل جوي ته هي ڳالھ هئن آهي. ٻيو ڪو مون کي چوي ته اها گمراهي آهي. مان ڪيس منٿ ڪيان ته مون کي سمجهائي. سندس سمجهائڻ سان به منهنجو خيال اهو ئي قائم رهي ته پوءِ مان ڇا ڪريان. هرو ڀرو منافقي ڪري پنهنجو خيال ڇڏي ڏيان ۽ ٻئي جو خيال اختيار ڪريان ڇا؟

افسوس جو مولانا صاحب جو مختصر جواب منهنجي خيالن کي نه مٽائي سگهيو آهي. اگرچه اهو جواب ننڍڙو آهي ته به ان ۾ ايتريون ڳالهيون آندل آهن جو ان تي بحث ڪيان ته هڪ وڏو ڪتاب ٿي وڃي. انهيءَ مان ظاهر آهي ته جيڪڏهن ان بزرگ صاحب سان روبرو فيصلو ڪرڻو هجي ته شايد مهينا لڳي وڃن ۽ پوءِ به فيصلو ڪونه ٿئي. ٻارهن صديون گذري ويون آهن ته مناظرن هوندي به شيعن ۽ سنين جو فيصلو ڪونه ٿي سگهيو آهي. مولانا صاحب جي خط ۾ پهريون سوال ته تقليد ۽ غير


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

تقليد جو آهي جو اٽڪل ڇاليهن ورهين کان هندستان ۾ جاري ٿيو ۽ اڄ تائين ڪو فيصلو ڪونہ ٿيو آهي. مگر ڏسجي ٿو تہ غير مقلد روز بروز وڌندڙ آهن ۽ شايد هندستان ۾ انهن جو تعداد مقلدن کان گهٽ وڌيڪ آهي. سنڌ ۾ گهٽو ڪري سڀ مقلد آهن. پر غير مقلد بہ هاڻي وڌڻ لڳا آهن. تقليد جي سوال بابت مان اڳئي پنهنجا خيال هن ڪتاب ۾ ظاهر ڪري چڪو آهيان. مان اها ڳالهہ بہ سمجهائي چڪو آهيان تہ عقل کي بند رکڻ اهڙو آهي جهڙو درياه کي وهڻ کان روڪڻ. تاهم مولانا صاحب جي اُٺاريل سوالن جا جواب تمام مختصر طور ڏيان ٿو:

مان اڳئي چئي چڪو آهيان تہ متقدمين ۽ سلف صالحين کي ڪيتري قدر وزن ڏيڻو آهي. مان ڏيکاريو آهي تہ يزيد جي زماني کان وٺي بگاڙو شروع ٿيو ۽ ڪوڙيون حديثون لکن جي تعداد ۾ پيدا ٿي ويون. جيڪي بہ ضروري مسئلا آهن ۽ جن جو خاص طرح اسان جي عملن سان تعلق آهي تن لاءِ رسول الله ﷺ جا قول ۽ فعل ۽ اصحابن سڳورن جا عام طرح قول ۽ فعل بلڪل ڪافي ۽ شافي آهن، انهن تي اسان عمل ڪيون تہ جيڪر فرشتا ٿي پئون. تنهن هوندي بہ مان ائين ڪو نہ ٿو چوان تہ پوين کي وزن بلڪل نہ ڏيڻ گهرجي. انهن جو مطالعو ضرور ڪرڻ گهرجي پر ايترو تہ ڏسجي تہ اهي ڪن ڳالهين ۾ قرآن شريف يا حديث يا امامن سڳورن يا اوائل مفسرن جي مخالفت ۾ تہ نہ آهن. مان اوائلي مسلمانن کي پوين تي وڌيڪ وزن ٿو ڏيان، مگر عام طرح پوين کي وڌيڪ وزن ڏنو ٿو وڃي. منهنجو خيال آهي تہ جيئن پوءِ تيئن بگاڙو ٿيندو ويو آهي مگر نيٺ مقلدن جو خيال آهي تہ جيئن پوءِ تيئن سڌارو ٿيندو ويو آهي ۽ اوائلين جون غلطيون ۽ اختلاف سڌاري حق تي اتفاق ڪيو ويو آهي. پر در حقيقت حق تي خواه ناحق تي اتفاق اصل ڪونہ ٿيو. ان لاءِ مان هڪڙو مثال پيش ٿو ڪريان تہ غير مسلمانن کي زبردستي مسلمان ڪرڻ ۽ جيڪڏهن نہ ٿين تہ گردن ڪپڻ، هي هڪ سخت اهم مسئلو آهي. قرآن شريف ۾ آيت سڳوري آهي تہ ”لااڪراه في الدين“ يعني دين جي باري ۾ جبر ڪونهي. رسول الله ﷺ خواه خلفاء راشدين خواه بنواميہ ۽ بنو عباس خليفن خواه پوين خليفن جي عمل کي ٿو ڏسجي تہ هنن غير مسلمانن کي ڪڏهن بہ زبردستيءَ مسلمان نہ ڪيو يا انڪار ڪندڙن کي قتل ڪيو. اٽلندو ڏسجي پيو تہ اڄ سوڌو ايشيا ۾ عيسائي وغيره رهندا ٿا اچن جن جي گرجائن کي اسلامي بادشاه وظيفا ڏيندا آيا آهن. اسلام ۾ ايتري رواداري آهي جو غير مسلمانن کي صدقہ ۽ خيرات ڏيڻ جائز ۽ ثواب جو ڪم آهي. مگر اڄ ڪلهہ چيو وڃي ٿو تہ مٿين آيت سڳوري منسوخ آهي ۽ غير مسلمانن تي جبر ڪرڻ گهرجي ۽ مسلمان نہ ٿين تہ ڪين قتل ڪرڻ گهرجي. مفسرن جو حال اهو آهي جو سڀ ڪنهن پنهنجي پنهنجي راءِ ڏني آهي. ابن ڪثير پنهنجي تفسير ۾ لکي ٿو تہ ڪن مفسرن انهي آيت کي منسوخ سمجهيو آهي مگر در حقيقت منسوخ ناهي. هاڻي چئبو تہ ابن ڪثير جي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

وقت تائين ته اتفاق ڪونه ٿيو پر پوءِ به ڪونه ٿيو آهي. جو ته ابن ڪثير جي راءِ ڪي به ڪي وزن ڏين ٿا ڪي نه. هندستان جا اڪثر عالم چون ٿا ته منسوخ ناهي، مگر سنڌ جا گهڻا عالم اصرار ٿا ڪن ته منسوخ آهي. هاڻي ناظرين انصاف ڪن ته اتفاق ڪٿي آهي ۽ اسان ڪنهن جي تقليد ڪيون.

ناظرين پاڻ انصاف ڪن. ازانسواءِ جيڪو شخص دنيائي علومن ۾ به ماهر آهي ۽ عقل ۽ فهم به اٿس سو اوائلي مسلمانن ۽ پوين مسلمانن جي وچ ۾ هن ڪسوٽيءَ سان پيٽ ڪري ڏسي ته پوين جا خيال عقل موافق آهن يا اڳين جا ۽ اڳين جي خيالن تي عمل ڪجي ته دنيائي ۽ اخلاقي ترقي ڪري سگهجي ٿي يا پوين جي خيالن تي هلڻ سان. ڪو به تاريخ دان قبول ڪونه ڪندو ته گذريل ستن اٺن صدين ۾ هن زماني کان عقل وڌيڪ هو. بلڪ هر هڪ چوندو ته جيڪا به دنيا جي تاريخ معلوم آهي تنهن ۾ ڪو به زمانو اهڙو ڪو نه ٿي گذريو جنهن ۾ هيترو عقل ۽ فلسفي هو جيترو اڄ ڪلهه آهي. مگر هي ڳالهه ته عالم آشڪار آهي ته خدا ترسي، دينداري، سچائي ۽ جان نثاري ۾ اصحابن سڀورن جهڙي قوم نڪا ڪڏهن ٿي نڪا ٿيندي. پر فرض ڪيو ته عقل ۽ تميز ڪي ڦٽو ڪري سگهجي ٿو، ته پوءِ ٻڌايو ته ڪنهن جي تقليد ڪجي؟ جيڪڏهن اسان عقل ۽ تميز هلايون ئي نه ته پوءِ ڪيئن سمجهون ته اسلام سچو آهي يا هندو ڌرم سچو آهي، يا عيسائي يا ٻڌ ڌرم يا پارسين جو ڌرم. جڏهن غير مذهبن وارن سان بحث ڪيون تڏهن هنن کي ڪيئن چئون ته اسلام سچو مذهب آهي اسانجي مذهب تي اچو. هو چوندا ته ڪر بحث. تون هڪڙي مسلمان جي گهر ڄائو آهين تڏهن ٿو چئين ته منهنجو مذهب سچو آهي جيڪڏهن هڪ هندوءَ جي گهر ۾ ڄائو هجين ها ته چوين ها ته هندو مذهب سچو آهي. پلا انهيءَ ڳالهه کي به ڇڏيو خدا جي فضل سان مان مسلمان جي گهر ڄائس ۽ سچي مذهب تي آهيان. مون کي عقل تميز هلائڻي ڪانهي. هاڻي ڪنهن جي تقليد ڪيان. متقدمن جي تقليد ڪيان يا متائخرين جي. جيڪڏهن متائخرين جي ڪيان ته انهن جو پاڻ ۾ اختلاف ڪونهي ڇا؟ جيڪڏهن آهي ته ڪنهن کي سچو سمجهان آخر جواب اهو وڃي بيهندو ته مون کي سچو سمجهه. مون تي اعتبار ڪر. عقل کي ڇڏي ڏي. حقيقت هيئن آهي ته اوائلي زماني کان وٺي اڄ تائين اختلاف ٿيندا آيا آهن ۽ هر ڪنهن پنهنجو عقل پيي هلايو آهي. جيڪڏهن ڪنهن تفسير تي اتفاق قائم ٿي وڃي ها ته پوءِ ٻيو ڪو به تفسير لکڻ ۾ ڪونه اچي ها. ان هڪڙي کي سڄي اسلامي دنيا پڙهي ۽ ان تي عمل ڪري ها. سڀ ڪو مفسر اڳين جا ڪجهه خيال وٺي ڪجهه ڇڏي ڪجهه پنهنجا وجهي تفسير ٺاهيندو آيو آهي. حضرت خواجه اجميري جي مقبري جي اڳيان ميدان ۾ هڪڙي وڏي شاهي ديڳ چڙهيل آهي. چون ٿا ته جڏهن ٻارهو ٿيندو آهي تڏهن ڪو ان ۾ پاڻي وجهندو ته ڪو چانور، ڪو بصر، ڪو اٽو، ڪو ٿوم، ڪو مڱ، ڪو لوڻ، ڪو مرچ، ڪو بيهه، ڪو پٽاٽا، ڪو


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

دالچني وغيره وغيره مطلب ته جنهن کي جيڪي به وڻندو آهي سو منجهس پيو وجهندو آهي ۽ هيٺيان باه پئي ٻرندي اٿس. جنهن کي وڻندو آهي سو منجهانس ڪجھ ڪڍي ڪائيندو آهي. اهڙيءَ طرح لاڳيتا تي چار ڏينهن پئي رجهندي آهي. هڪڙا ماڻهو منجهس ڪجھ نه ڪجھ وجهندا آهن ته هڪڙا ڪجھ نه ڪجھ ڪڍي ڪائيندا آهن. در حقيقت اسلام جي حالت به ائين ٿي آهي، جهڙي زماني جي حالت ۽ عقل ۽ رسمون ۽ خيال پي ٿيا آهن اهڙائي اسلام ۾ داخل ڪيا پي ويا آهن. اها تميز ڪڏهن ڪان پئي ڪئي ويئي آهي ته اڳوڻن سان موافقت تا ڪيون يا مخالفت. جيڪو آيو سو اڳهيو جنهن بڪ ڪئي سو به قبول پيو جنهن چڱو ٻوليو سو به قبول پيو. نورنامي وغيره جو مثال مون اڳئي ڏنو آهي ته اهڙو غير صحيح ڪتاب به عام طرح رائج ٿي ويو، مگر يورپي خيالن جي غلبي بعد نئون دور شروع ٿي ويو. عيسائي پادرين جي حملن مسلمانن کي ٺوڪر هڻي اٿاريو. صدين جا مئل عالم اُٿي اکيون مهٽڻ لڳا، جواب ڏيٽا پيا. رواجي مولوين جا خيال پادرين جي اعتراضن اڳيان بيهي ڪين سگهيا. نئين چرپر شروع ٿي ويئي. اعتراضن جا جواب ڏيٽا پيا. نئين تحقيقات ٿيڻ لڳي ڏنو ويو ته مولوين جا هاٽوڪا خيال اهڙا گڏيل سڏيل آهن جهڙو خواجه اجمير جي ديڳ جو طعام. پوءِ ڪوجنا ڪندڙ عالم اصل ۽ نقل کي ۽ حق ۽ باطل کي ڌار ڪرڻ لڳا ۽ ڏٺائون ته اصل قرآن ۽ صحيح بخاري ۽ اوائلي مفسرن کي ٿو وٺجي ته عيسائين خواه ٻين جي اعتراضن کي آسانيءَ سان ٽڏي ٿو سگهجي. مگر هيئن به آهي ته اعتراضن کي جوابن ڏيڻ جي شوق ۾ ۽ نئين زماني جي خيالن جي اثر هيٺ ۽ اوچتي ننڊ مان اٿڻ ڪري ۽ صدين جي ننڊ جي اثر سببان خيالن ۾ گهٽي گڙ ٻڙ ۽ اختلافات ٿي پيا آهن، جو اهڙي پر آشوب زماني ۾ ضرور ٿيڻا آهن. مگر ترقيءَ جو ۽ حق تي رسڻ جو به اهو ئي وسيلو آهي ته ڪوجنا ۽ تحقيقات ڪجي. نون خيالن وارا ماڻهو به گهڻيون غلطيون تا ڪن. مگر اهو فطرتي قانون آهي ته ضعيف انسان ڪنهن خيال جي شوق ۾ ٿو پوي ته حد کان ٻاهر لنگهي ٿو وڃي. مگر انشاءَ الله ڪجھ وقت کان پوءِ جوش ڍرو ٿي ويندو ۽ ٿڌيءَ دل سان غور ۽ فڪر ڪيو ويندو ۽ اُهي معنائون ۽ تفسير ورتا ويندا جيڪي اصحابن سڳورن ورتا.

ٻيو سوال حضرت صاحب هي اٿاريو آهي ته جيڪڏهن اڳوڻن مفسرن کي هي اختيار ڪونهي جو جنهن آيت کي وڻين تنهن کي منسوخ سمجهن ته پوءِ اهو الزام مولوي محمد علي وغيره تي چو نه ٿو آندو وڃي. جيڪڏهن اڳوڻا مفسر انسان هئا ۽ انهن کان غلطي ۽ خطا جو امڪان آهي ته هنن ڏانهن چو اهو گمان نه آڻجي. منهنجو جواب آهي ته جهڙو اڳوڻن مفسرن ۾ غلطي ۽ خطا جو امڪان آهي تهڙو هاڻوڪي مولوي محمد علي وغيره ۾ به آهي. مگر رواجي عالم اها ڳالھ قبول نٿا ڪن. هو چون ٿا ته جيڪي اڳوڻن چيو آهي سو برحق آهي. وڌيڪ ڪوجنا ڪرڻ ۽ عقل هلائڻ جو ڪو ضرور ڪونهي. مان چوان ٿو ته جئين اڳي به نوان نوان تفسير نڪرندا آيا آهن تيئن هاڻي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ﺑﻪ نون تفسيرن ڪڍڻ جو سيني کي حق آهي ۽ اهو حق قيامت تائين هلندو رهندو. جيڪڏهن ڪو چوي تہ نہ اهو حق بند آهي تہ مهرباني ڪري ٻڌائي تہ ڪڏهن بند ٿيو ۽ ڇو بند ٿيو؟ مگر قرآن شريف جي آيتن جي معنيٰ ۽ مطلب سمجهائڻ لاءِ ۽ خوبين ٻڌائڻ لاءِ تفسير ڪرڻ ٻي ڳالهه آهي ۽ قرآن شريف جي آيتن ۽ حڪمن کي پنهنجي خيال موجب رد سمجهڻ ٻي ڳالهه آهي. پهريون حق سڀ ڪنهن کي آهي ٻيو حق ڪنهن کي ڪونهي. حضرت صاحب جن فرمائين ٿا تہ تفسير بالرايءِ ڪرڻ عظيم گناهه بلڪ ڪفر آهي. مان پڇان ٿو تہ اڄ تائين جو مفسر پنهنجي پنهنجي راءِ ڏيندا آهن سي بہ سڀ ڪافر هئا ڇا؟ "تفسير بالرايءَ" جو مطلب مان هي ٿو سمجهان تہ جيڪڏهن قرآن شريف جي ڪنهن بہ آيت جو مطلب اهڙو ونجي جو ڪنهن ٻي صريح آيت يا ڪنهن صحيح حديث جي مخالف هجي تہ بہ ان کي نظر انداز ڪري پنهنجي راءِ تي معنيٰ ڪجي تہ اهو چئبو تفسير بالرايءَ. والله اعلم بالصواب.

ٽيون سوال هي اٿاريل آهي تہ جيڪڏهن قرآن شريف جي ڪن آيتن جي منسوخ ٿيڻ بابت مونکي اعتراض آهي تہ ساڳيو اعتراض تورات انجيل وغيره جي منسوخ ٿيڻ تي بہ هئڻ گهرجي. جو مان قبول ڪريان ٿو تہ اهي خدائي صحيفا هئا ۽ انهن کي قرآن شريف منسوخ ڪيو آهي. پوءِ مان جيڪوئي جواب ڏيندس سوئي قرآن شريف جي آيتن جي منسوخ ٿيڻ بابت موزون ٿيندو. مگر منهنجو جواب هي آهي تہ اڳوڻا صحيفا فقط ڪن خاص قومن لاءِ ۽ خاص وقتن لاءِ هئا. هر هڪ قوم لاءِ ۽ هر هڪ زماني لاءِ جدا جدا پيغمبر ۽ صحيفا موڪليا پي ويا. انهن صحيفن ۾ ماڻهن ڪمي بيشي ۽ تبديلي پي ڪئي جنهنڪري نون پيغمبرن ۽ نون صحيفن جي ضرورت پئي ٿي. اها بہ سچي حقيقت آهي تہ حضرت محمد ﷺ جن جي مبوث ٿيڻ وقت، هڪ بہ اهڙو خدائي صحيفو ڪونہ هو جو صحيح سلامت انهيءَ ئي حالت ۾ موجود هجي جنهن حالت ۾ نازل ٿيو هو. رسول اللهﷺ جي زماني کان اڳي قومن ۾ جدائي بلڪل گهٽي هئي تنهن ڪري جدا جدا پيغمبرن جي ضرورت هئي. رسول الله ﷺ بعد اُهو زمانو اچڻو هو جنهن ۾ سڄي دنيا ڳنڍجي هڪ ٿي پئي آهي. سير و سفر جا آلات اهڙو سريع ٿي پيا آهن جو ٿورڙيئي وقت ۾ سڄي دنيا جي چوگرد بار بار سفر ڪري سگهجي ٿو ۽ تار برقين جي وسيلي دم دم ۾ سڄي دنيا جي واقعات جي خبر پوندي رهي ٿي. تمام ڏوراهين ڪان ڏوراهين مثلن آمريڪا ۾ جيڪي گذريل رات تي گذريو يا جيڪي مشهور تقريرون ٿيون تن جو احوال اڄوڪين اخبارن ۾ پڙهي ٿا سگهون. اهڙي زماني لاءِ مناسب هو تہ سڄي دنيا لاءِ هڪ ئي پيغمبر مبعوث ڪيو وڃي جنهن کي رحمت اللعالمين جو خطاب عطا ٿئي ۽ هڪڙو ئي ڪامل مڪمل صحيفو موڪليو وڃي جيڪو سيني ماڻهن ۽ سيني ايامن لاءِ موزون هجي. فيها ڪتب قيمہ.

هاڻي هي دليل جيڪو مون ڏنو سو قرآن شريف جي ڪن آيتن جي منسوخ ٿيڻ لاءِ


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

دليل ٿي نہ ٿو سگهي، اٿلندو ان دليل مان نتيجو ڪڍبو تہ اهڙو صحيفو جو سڄي دنيا لاءِ هجي ۽ سيني ايندڙ ايامن ۽ زمانن لاءِ هجي. تنهن ۾ ڪو بہ اهڙو حڪم نہ هجي جو منسوخ هجي ۽ ماڻهن ڪي ناحق مغالطي ۾ وجهي. پر در حقيقت قرآن شريف جي ڪن آيتن جي منسوخ ٿيڻ بابت منهنجو هڪ اهو اعتراض تہ ڪونهي جو مولانا صاحب بيان ڪيو آهي. گهٽائي اعتراض آهن جي مٿي چٽائيءَ سان بيان ڪيل آهن ۽ افسوس آهي تہ مولانا صاحب انهن سوالن ۽ اعتراضن جي اهميت بلڪل محسوس نہ ڪئي آهي. ايتري قدر جو انهن جو جواب ڏيڻ جي ضرورت ئي ڪانہ سمجهي اٿس.

## وهابيت

اڳي رواج هوندو هو جو ٿوري گهڻي اختلاف ڪرڻ واري ڪي هڪدم ڪافر سڏيو ويندو هو. مگر هاڻي ڪجھ زماني کان وٺي ڪافر جي بدارن ان ڪي وهابي سڏيو ٿو وڃي. اگرچہ هن ويچاري ڪي وهابين جي خيالن جي ذرو بہ خبر ڪا نہ هوندي. اٽڪل ويھ سال ٿيندا جو مرحوم مولوي الاهي بخش صاحب پنهنجو رسالي نيڪ صلاح ڇپارايو جنهن ۾ مسلمانن ۾ رائج بد رسمون بيان ڪيل آهن جي جهنڊ، طوهر، شادي، موت ۽ قبرن جي زيارت جي باري ۾ آهن. ان وقت وهابين جو نالو بہ ٻڌڻ ۾ ڪونہ ايندو هو. مولوي صاحب ۾ وهابيت جي بوءِ بہ ڪانہ هئي. رسالو نيڪ صلاح اڄ تائين موجود آهي. ان جو اختصار مون رسومات تباهي جي نالي سان ڇپايو آهي. هر ڪو ڏسي سگهي ٿو تہ وهابيت جي ان ۾ ڪا بہ ڳالھ ڪانهي. اُهو ڪتاب هڪڙي عالم ڪي ڏيکاريم تنهن ان مان ڪجھ ٽڪر پڙهي هڪدم فتويٰ ڏني تہ هي تہ ڪو وهابي آهي. تازو مولوي صاحب مرحوم جي ڪن شاگردن، (مولوين) کان معلوم ٿيو آهي تہ گهڻا مولوي ڪيس ۾ اسان ڪي وهابي ٿا ڪوٺين.

گهڻا سال ٿيا تہ مان صوفين جي اڄ ڪلھ جي ذڪرن پچائڻ بابت تحقيقات ڪرڻ شروع ڪئي. منهنجو سوال فقط اهو هو تہ اهي طريقا حضرت رسول الله ﷺ ۽ اصحابن سڳورن ڪمايا يا نہ؟ عالمن چيو تہ هائو ڪمايا هئائون. مون چيو تہ مهرباني ڪري حديثون پيش ڪيو. هنن جواب ڏنو تہ هائو پيش ڪنداسين. پوءِ هيڏي هوڏي مولوين ڏي خط لکيائون. مگر حديثون ڪين ڪونہ مليون تنهنڪري مونکي ڪو جواب ڪونہ ڏنائون. پس پرده پرپٽ چوڻ لڳا تہ فلاڻو تہ وهابي ٿو ڏسجي. ناظرين انصاف ڪريو تہ ان وقت تہ مون ڪو انهن ذڪرن جي برخلاف لفظ بہ ڪونہ ڪڍيو هو فقط اهو سوال پڇيم ۽ سوال پڇڻ جي ڪري وهابي سڏجڻ لڳس. مان 1913 کان وٺي اخبارن ۾ تعليمي اخلاقي ۽ ديني مضمون ڏيندو آيو آهيان. هڪڙو مضمون پيرن بابت لاڙڪاڻي واري آفتاب اخبار ۾ ڇپيو. مضمون ۾ فقط رسول الله ﷺ جي روش ڏيکاري سمجهايم تہ پيرن ۾ ڪهڙيون خاصيتون هئڻ گهرجن. مون لکيو تہ سچو رهبر اُهو آهي جيڪو 1. قرآن


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

شريف، حديث ۽ اسلامي تاريخ ڇاڻندڙ هجي، 2. رسول الله ﷺ ۽ اصحابن سڳورن جي نقش قدم تي هلندڙ هجي، 3. امربالمعروف ۽ نهي عن المنڪر ڪندڙ هجي يعني تبليغ جو شوق هجيس. ڪيس گهرجي ته مسلمانن مان پرم ۽ سنسا ۽ بد رسمون ۽ بدعتون ڪڍي، تعليم جو چاه پيدا ڪري، بداخلاقيون ڪڍي نيڪ اخلاقن جي ترغيب ڏئي، مسلمانن کي تجارت ڪرڻ تي آماده ڪري، ڳوٺ ڳوٺ ۾ تنظيم لاءِ انجمن قائم ڪري وغيره وغيره. هن مضمون ۾ ڪهڙي وهابيت تا ڏسو ته به هڪڙي عالم جا ڪيو جو اهو مضمون جمعي جي ڏينهن پنهنجي جماعت کي پڙهي ٻڌائي ڇيائين ته ڏسو ته ڪهڙا پيرن جا منڪر پيدا تي پيا آهن. انهن ٿورڙن مثالن مان سمجهي ويندئو ته جو شخص اصلاح يعني سڌارو ڪرڻ جي ڪوشش ٿو ڪري ۽ حضرت رسول ﷺ ۽ اصحابن سڳورن جي روش وٺڻ جي دعوت ٿو ڏئي تنهن کي وهابي سڏيو ٿو وڃي. اها حالت نه رڳو هت سنڌ ۾ آهي پر سڄي دنيا جي سڀ ڪنهن اسلامي ملڪ ۾ آهي. مان ٿو چوان ته جيڪڏهن وهابيت اها آهي ته وهابي ڪوٺجڻ فخر جي ڳالهه آهي. مون کي وهابين جي ڪا به خبر ڪانه هئي. نڪو سندن ڪو ڪتاب مطالعي هيٺ آندو هوم. ڦهريائين ڦهريائين خبر تڏهن پئي جڏهن ابن سعود حجاز فتح ڪيو ۽ قبا ڊهرايائين. جنهن مان فقط ايترو معلوم ٿيو ته وهابي قبن جي برخلاف آهن. پوءِ به مون وهابين جي ڪنهن به ڪتاب هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪانه ڪئي. ٻڌندو هوس ته هڪ ڪتاب توحيد الاسلام آهي جنهن ۾ لکيل آهي ته مماتي جي حالت ۾ رسول الله ﷺ کان لٺ به چڱي آهي جو ته لٺ مان گهٽائي ڪم ڪڍي سگهجن ٿا مگر رسول الله ﷺ جن هن حالت ۾ ڪجهه به ڪري نٿا سگهن. مون سمجهيو ته يا ته هي ڳالهه ڪوڙي هوندي يا ته الفاظ ٻيا هوندا. جيڪڏهن الفاظ اُهي ئي آهن ته چئبو ته وهابين کي رسول الله ﷺ جن لاءِ ڪا به عزت ڪانهي.

تازو ڪنهن شخص ازخود مون کي مولوي دين محمد صاحب واري ڪتاب توحيد الاسلام جو هڪ نسخو ڏنو. مون پڙهي ڏٺو. ڏٺم ته اهي الفاظ منجهس بلڪل ڪونه هئا. شايد اصلوڪي توحيد السلام ۾ اهي لفظ هوندا. مون کي خبر ناهي ته سنڌ جا عالم انهيءَ ڪتاب تي ڪهڙا ڪهڙا اعتراض ٿا آڻين پر مان سمجهان ٿو ته ٻن ڳالهين تي اعتراض آڻيندا هوندا. هڪ شفاعت واري سمجهاڻيءَ تي ٻيو انهيءَ تي ته رسول الله ﷺ کي ايتري عزت ڏجي جيتري وڏي ڀاءُ کي ڏجي. شفاعت واري سوال تي مون اڳيئي ڪجهه چيو آهي. باقي عزت واري مسئلي بابت مان چوان ٿو ته ائين چوڻ جو اسان کي ضرور ڪهڙو پيو آهي جو چئون ته ڪين وڏي ڀاءُ جيتري عزت ڏيڻ گهرجي. جيڪڏهن رواجي ماڻهو غلطي ڪري رسول الله ﷺ کي الله تعاليٰ سان صفتن ۾ شريڪ ٿا ڪن ته هي وري اهڙا الفاظ ڪم ٿا آڻين جي بلڪل شايان نه آهن. رسول الله ﷺ جي عزت نه رڳو وڏي ڀاءُ کان پر پيءَ ماءُ کان به وڌيڪ ڪرڻي آهي.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

اصحاب سڳورا جڏهن سندن نالو مبارڪ وٺندا هئا تڏهن فرمائيندا هئا، ”فداك ابي و امي- يعني منهنجا ماءُ پيءُ متن فدا هجن. هڪ حديث سڳوري ۾ به آهي ته پورو مومن اهو آهي جو مون کي اهل اولاد وغيره کان به وڌيڪ پيارو رکي. هن وقت ۾ ته هو اسان وٽ موجود نه آهي جو کين عزت ڏيون ۽ ساڻن حب رکون. هن وقت جي حب ۽ عزت آهي سندن قول ۽ فعل ۽ روش معلوم ڪرڻ ۽ سندن پيروري ڪرڻ. اسانجي سڌاري ۽ ترقيءَ جو مدار به انهيءَ تي آهي نه خالي لفظن تي پر اگرچ شفاعت واري ۽ عزت واري مسئلي تي مان مولوي دين محمد سان شامل راءِ نه آهيان ته به سندس ڪتاب کي عاليشان ٿو سمجهان. ڇو ته اسلام جو سڄو مدار توحيد تي آهي. جيڪو توحيد کان ٿوروئي ٿڙڪيو سو اسلام کون ويو ۽ تباه ٿيو. تنهنڪري اهو ڪتاب لکن جي برابر آهي. جيڪڏهن ڪنهن ڪتاب ۾ لکن جو فائدو هجي ۽ رپئي ڏيڍ جو نقصان هجي ته پوءِ انهيءَ ڪتاب کي ردي سمجهڻ گهرجي ڇا؟ اهڙا ڪيترائي ڪتاب آهن جن ۾ لکن جو نقصان آهي ۽ فائدو 5 روپين جو به مس آهي تن جو نالو به ڪونه ورتو ٿو وڃي مگر توحيد السلام جهڙي ڪتاب تي هاءِ گهوڙا واءِ گهوڙا ڪئي ٿي وڃي. مان شايد پنهنجي راءِ ۾ پليل هجان تنهنڪري استدعا ٿو ڪريان ته عالمن سڳورن کي ائين ڪرڻ نه گهرجي جو ڪن غلطين جي ڪري سڄي ڪتاب کي ڪوڙو سمجهن. کين گهرجي ته ٺڏيءَ دل سان ان ڪتاب تي تنقيد ڪن ۽ جيڪي منجهس غلطيون هجن تن کان به اسان جاهلن کي آگاه ڪن ۽ جيڪي منجهس خوبيون هجن تن کان به اسانکي آگاه ڪن. مگر جيڪڏهن خوبين کي نظر انداز ڪري سڄي ڪتاب کي خراب سڏبو ته انهيءَ جو نتيجو هي ٿيندو جو مسلمان سڄين ڳالهين کي به ڪوڙو سمجهي مشرڪ ٿي پوندا يا سڄي ڪتاب کي سچو سمجهندا. ٻنهي حالتن ۾ قوم کي نقصان رسندو.

هڪڙي مولوي صاحب مونکي پنهنجو ڪتاب تصنيف ڪيل ڏيکاريو جو اجان ڇپايو ڪونه اٿس. مون ان منجهان ڪجھ پنا پڙهيا. افسوس جو وڌيڪ پڙهڻ جو وقت نه مليو. ان ۾ جو جوش وهابين جي خلاف ڏيکاريو اٿس سو بحد ڪمال آهي. وهابين کي گهٽ وڌ ڳالهائي پوءِ لکي ٿو ته هي منڪر ڇون ٿا ته رسول الله ﷺ اسان جهڙو بشر هو. انهن پليتن کان ڪو پڇي ته سندن ٿورو ۽ پيشاب به رسول ﷺ جي ٿوري ۽ پيشاب وانگر مشڪ ۽ عطر آهي؟ جي نه ته ڪيئن ٿا چون ته رسول الله ﷺ جن اسان وانگر بشر هئا. جيڪڏهن مونکي وهابي ڪونجڻ جو انديشو نه هجي ها ته مولوي صاحب کي عرض ڪيان ها ته مهرباني ڪري ٻڌايو ته انا بشر مثلڪم جي معنيٰ ڇا آهي ۽ جيڪڏهن بشر نه هئا ته ملڪ هئا يا الله هئا (نعوذ بالله منها) ۽ پڻ ڪانئن پڇان ها ته جيڪڏهن رسول الله ﷺ جو ٿورو ۽ پيشاب مشڪ ۽ عطر هئا ته اُهي ڪهڙي طرح ڪم آڻبا هئا. بدن کي مکيا ويندا هئا يا شربت ۾ استعمال ڪيا ويندا هئا؟


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

توحيد الاسلام جي علاوه وهابين جي اعتقادن بابت هڪڙي تقرير پڻ تازو پڙهي اٿم ۽ پڻ پير خواجه حسن جان صاحب جو ڪتاب اصول الرابعه يا ترديد الوهابيت پڙهيو اٿم. بس وڌيڪ خبر مونکي وهابين جي ڪانهي. مٿي بيان ڪيل تقرير شيخ حافظ وهبه سنه 1928 ۾ لنڊن ۾ ڪئي هئي. شيخ حافظ وهبه ملڪ الحجاز ابن سعود جو ايلچي آهي ۽ هن وقت تائين لنڊن ۾ مقيم آهي. ان تقرير ۾ وهابين جي اصولن ۽ اعتقادن جو بيان ڪيو اٿس. ان تقرير جو اختصار مان هيٺ ڏيان ٿو.

## شيخ حافظ وهبه نجدي جي تقرير جو اختصار

(نوٽ: مان وهابين سان سيڪنهن ڳالهه ۾ شامل راءِ ناهيان)

ستين صدي هجريءَ ۾ مشهور عالم شيخ ابن تيميه پيدا ٿيو. عجب جي ڳالهه آهي ته يورپ ۾ به ساڳئي وقت مارٽن ليوٿر پيدا ٿيو ۽ ٻنهي ساڳئي قسم جو اصلاح ڪرڻ شروع ڪيو. فقط مذهب جو تفاوت هو يعني مارٽن ليوٿر عيسائي مذهب ۾ پيدا ٿيل خرابين جي بيخڪني ڪرڻ لڳو ته ابن تيميه وري اسلام ۾ پيدا ٿيل گمراهين جي پاڙ پٽڻ لڳو. ليوٿر پادرين تي نڪته چيني ڪئي ته ابن تيميه وري ملن ۽ صوفين جي سار لڌي. جيئن ليوٿر انجيل ۽ توريت جي سليس تعليمات جي تبليغ ڪرڻ لڳو ۽ پادرين جي پيدا ڪيل بدعتن جي مخالفت ڪيائين تيئن ابن تيميه قرآن مجيد ۽ حديث شريف ڏي رجوع ٿيڻ جي هدايت ڪرڻ لڳو ۽ ظاهر ڪرڻ لڳو ته انسان سڌيءَ طرح سان پنهنجي خالق ڏي رجوع ٿي سگهي ٿو ڪانئس ئي مدد گهري سگهي ٿو.

منهنجو نوٽ: هتي ڪجھ سمجهاڻيءَ جي ضرورت آهي. ليوٿر جي زماني تائين پادرين کي عام عيسائين تي ڪلي اختيار هو. روم جي پوپ کي الله تعالیٰ جو عيوضي سڏيو ويندو هو ۽ ايئن سمجهيو ويندو هو ته پوپ ۽ پادرين جي وسيلي کان سواءِ الله تعالیٰ جي نڪي عبادت ڪري ٿي سگهجي، نڪي ڪانئس دعا گهري ٿي سگهجي ۽ نڪي گناهن جي معافي گهري ٿي سگهجي. جڏهن ڪو ماڻهو گناه ڪندو هو ۽ توبه ڪرڻي هوندي هيس يا مرڻ وقت ڏوه بخشائڻا هوندا هئس ته هو ڪنهن پادريءَ کي آڏائي سڀ سچيون ڳالهيون ۽ ڪيل ڏوه ٻڌائيندو هو. پادري هن کان پنهنجي لاءِ صدقا وغيره وٺي هن کي پاس لکي ڏيندو هو. پوءِ سمجهيو ويندو هو ته هن جا گناه معاف ٿيا ۽ اها پاس بهشت جي دروازي کولائڻ لاءِ ڪافي سمجهي ويندي هئي. انهيءَ ڪري پوپ ۽ سندس چيلن کي عوام الناس خواه بادشاهن تي ايتري اختياري ۽ زور هو جيترو ڪنهن به بادشاه کي رعيت تي نڪو ٿيو نڪو ٿيندو. جيئن هندستان ۾ ويدن ۽ شاسترن پڙهڻ جو حق فقط برهمڻن کي هو، تيئن يورپ ۾ بائيبل پڙهڻ جو حق به فقط پادرين کي هو.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

پوءِ هو جاهل ماڻهن کي جيئن وڻندو هو تيئن پنهنجي غرضن لاءِ نچائيندا ڦيرائيندا هئا. مارٽن ليوٿر انهن ڳالهين جي خلاف ويو. ساڳي طرح ابن تيميه به مسلمانن کي سيکارڻ لڳو ته خود غرض ملن ۽ درويشن جي چنبي ۾ نه اچو. سڌي طرح قرآن ۽ حديث جو علم حاصل ڪيو ۽ الله تعاليٰ جي ئي ٻانهپ ڪيو ۽ ڪانئس ئي مدد گهرو. (هي سمجهاڻي منهنجي آهي نه حافظ وهبه جي).

ابن تيميه مقلدن جي به خلاف هو مقلد چئن مذهبن مان هڪ مذهب کي ڇهڻي پوندا هئا. هو اجتهاد جي فائدي ۾ هو هن جي راءِ هئي ته سمجهڻ ۽ سمجهه هلائڻ جو حق سڀ ڪنهن کي آهي ۽ ڪو به انسان سورهن آنا صحيح يا حق تي ٿي نٿو سگهي سواءِ پيغمبر سڳورن جي.(نوٽ: اجتهاد جي معنيٰ هتي اها ناهي ته جنهن کي جيئن وڻي تيئن نوان رستا پيدا ڪري پر معنيٰ هي آهي ته هر ڪوئي قرآن ۽ حديث ۽ اسلامي احڪام سمجهڻ جي ڪوشش ڪري. ائين نه ته جيئن ڪو پيو چئيس تيئن مڃي ۽ ڪري. ان لاءِ نه سند گهري ۽ نه سوال ڪري. اڄ ڪلهه مولوين کان سوال ڪبو آهي ته غصي کان بيتاب ٿي پوندا آهن جڻ ته ڪين ڪا گار ڏني ويئي يا سندن جاگير ڦري ويئي. (هي نوٽ منهنجو هنيل آهي))

هن ڳالهه ۾ به ابن تيميه هوبهو مارٽن ليوٿر وانگر هو ڇو ته هن به انهيءَ خيال جي مخالفت ڪئي ته بائيبل سمجهڻ جو حق فقط پادرين کي آهي. ازان سواءِ ابن تيميه ان زماني جي مروج احمقانه عقيدن تي زورشور سان حملا ڪيا ۽ اعلان ڪيائين ته توبه جو دروازو سيڪنهن لاءِ کليل آهي. ساڳيءَ طرح ليوٿر به پادرين جي شفاعت جي خلاف هو (پادرين جي شفاعت بابت مون مٿي پهرئين نوٽ ۾ سمجهاڻي ڏني آهي)

مطلب ته ٻنهي مصلحن خدا جي خلق کي ملن ۽ پادرين جي چنبي مان ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪئي بشرطيڪ اها آزادي انهيءَ حد تي نه پهچي جو مذهب جي سچن اصولن کي به ترڪ اچي وڃي.

اوهان کي عجب لڳندو ته نجد ۾ وهابي ۽ وهابيت جو لفظ ڪنهن ٻڌو به ڪونهي. اهو لفظ گهڙيو ڪري ترڪي سلطنت ڪنهن پوليٽڪيل مقصد يا پاليسي جي ڪري ٿاهيو. مقصد اهو ٿو پائنجي ته سڄي اسلامي دنيا کي نجدين جي خلاف ۽ نجدين جو دشمن بڻائجي. هن طرح مشهور ڪرڻ سان ته نجدين چئن امامن ۽ سندن چئن مذهبن کان ٻاهر نڪري اسلام جو نئون فرقو ٺاهيو آهي جنهن جو نالو وهابيت آهي. پر اهو سفيد ڪوڙ هو ۽ آهي. ڇو ته نجد جا ماڻهو امام احمد ابن حنبل جا پيروي ڪندڙ سڄي دنيا ۾ پکڙيل آهن.

پر اگرچه وهابي ۽ وهابيت جو لفظ نجد ۾ معلوم به ڪونهي ته به مان پنهنجي تقرير ۾ اهو ئي لفظ ڪم آڻيندس ڇو ته سڄي دنيا ۾ نجدين لاءِ اهو ئي لفظ مشهور ڪيو ويو آهي.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

## محمد ابن عبدالوهاب

شيخ محمد ابن عبدالوهاب سنه 1703 عيسوي ۾ هڪڙي ڳوٺڙي ۾ ڄائو جيڪو ڳوٺ رياض جي اتر ۾ آهي ۽ رياض نجد جي رياست جو هاڻوڪو گاديءَ جو هنڌ آهي. ابتدائي تعليم پنهنجي والد کان ورتائين. پوءِ الحصاء حجاز ۽ بصره ۾ علم ۽ تعليم جي تلاش ۾ سفر ڪيائين. ان طرح حديث جي علمي فقه ۽ عربي زبان ۾ ماهر ٿيو. جلدئي مذهب جي هر شعبي ۽ شاخ جو علم حاصل ڪيائين. ازان سواءِ مختلف ملڪن ۾ جيڪي اسلام جي اسپرٽ جي خلاف عمل ۽ عقيدا رائج ٿي ويا هئا تن جي خبر پيس. تنهن کان سواءِ ابن تيميه جون تصنيفون ۽ سندس پوئلڳن خصوصن ابن القيم ۽ ابن ڪيثر جون تصنيفون چڱيءَ طرح پڙهيائين.

## ان زماني ۾ نجد جي حالت

نجد ان وقت ۾ مختلف فرقن جي دشمنين ۽ جهيڙن جو گويا جنگ جو ميدان هو. جيڪي سڀ اسلام جي سچي اسپرٽ جي خلاف هئا. مثال طور انهن قبرن جو مثال وٺو جي سمجهيون وينديون هيون ته رسول الله ﷺ جي اصحابن سڳورن جون هيون. هڪڙي اهڙي قبر الجبليه ۾ هئي جا حضرت عمر جي فرزند زيد (رضي الله عنه) جي سمجهي ويندي هئي. ماڻهو هزارن جي تعداد ۾ ان قبر تي ويندا هئا ۽ رزق جي ڪشادگي ۽ ٻين دنيائي احتياجن جي پورائي لاءِ دعا گهرندا هئا. دريه ۾ به ساڳئي قسم جون قبرون هيون. اتي به ساڳين مطالبن لاءِ ماڻهن جا ميڙ ويندا هئا. پر سڀ کان وڏيڪ عجب جهڙي ڳالهه هي هئي ته "بلادت الفده" ۾ هڪڙو نر کجي جو وڻ هو جتي ڪنواريون زالون اچي مڙنديون هيون ۽ وڏي جوش سان التجا ڪنديون هيون ته ڪين سال جي پڄاڻيءَ کان اڳ ور ملي.

دريه جي ويجهو هڪ غار هئي جنهن کي سڀ ماڻهو متبرڪ سمجهندا هئا هن ڪري سمجهيو ويندو هو ته هڪڙي امير جي نياڻي ان ۾ پناه ورتي هئي. آڪاڻي آهي ته ان مائيءَ تي ڪنهن ظالم بادشاه ظلم ڪرڻ تي گهريو. هوءَ انهن جبلن ڏي وٺي ڀڳي. اُتي خرق عادت (ڪرامت) سان هڪ غار کلي پئي جنهن ۾ هنکي پناه ملي. مذهب جي حالت اها هئي.

ملڪي حالت اها هئي جو بادشاه ۽ سندن امير پنهنجي مرضي ۽ خواهشن تي هلندا هئا. انتظام ۽ فيصلا شرعي قانون موجب نه پر پنهنجي خيال تي ڪندا هئا. اميرن ۽ قبيلن جي وچ ۾ سدائين جنگ و جدل جاري هوندي هئي.

مختصر طور نجد جي اها حالت هئي جڏهن شيخ محمد ابن عبدالوهاب پنهنجي وطن موٽيو. هو پنهن جي ڳوٺ عينيه ۾ اچي مقيم ٿيو جتي رهي هڪدم ڪوششون


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

شروع ڪري ڏنائين تہ نجد کي سيني خرابين کان پاڪ ۽ صاف ڪريان. هو وعظ ڪرڻ لڳو تہ سچي ۽ صاف اسلام ڏي موٽو، متاءَ خرين جون ٺهيل بدعتون ڪڍي ڇڏيو ۽ اهي سڀ ڳالهيون ڦٽي ڪيو جيڪي اسلام جي اسپرٽ جي خلاف آهن. نہ رڳو ماڻهن ۾ اهي وعظ ڪرڻ لڳو پر خود حاڪمن کي بہ هدايت ڪرڻ لڳو تہ ڪورٽن ۾ شرعي قانونن تي عمل ڪيو. هن اها تبليغ بلڪل صلح سانت سان ادا ڪئي. ۽ پڻ ٻين ملڪن جي مذهبي امامن سان خط و ڪتابت جو رستو رکيائين ۽ خطن ۾ اسلام جي بگاڙي ۽ بربادي تي پنهنجي افسوس ۽ درد جو اظهار ڪيائين ۽ انهن کي ترغيب ڏنائين تہ اسلام ۾ اصلاح ڪرڻ لاءِ اُٿي کڙا ٿيو. انهيءَ تي سندس مخالفن کي باهہ لڳي ويئي خصوصن رياستن جي والين ۽ اميرن جي اقتدار ۽ طاقت کي انهيءَ وعظ منجهان خطري جو امڪان هو، تن سخت مخالفت ڪئي. آخر هن کي شهر نيڪالي ڏني ويئي ڇو تہ بني خالد ۽ الحصا جي امير لکيو تہ جيڪڏهن انهيءَ کي ڪڍي نہ ڇڏيندو تہ مان توهان جي شهر تي حملو ڪندس.

سنہ 1741 عيسوي ۾ پنهنجو ڳوٺ ڇڏي درعيہ ۾ ويو، ۽ اُتي جي امير محمد سان مليو. ٻنهي يڪراءِ ٿي ارادو ڪيو تہ ديني اصلاحيت جو ڪم زور شور سان ڪيون ۽ سڄي عربستان مان بدعتون ڪڍون ۽ شهري ماڻهن خواه بدوين ۾ سچي اسلام جي تبليغ ڪيون. ان ڪم ۾ جيڪي تڪليفون درپيش اچن ۽ جيڪي خطرا ۽ نقصان مخالفن جي هٿان رسن تن جي مطلق پرواه نہ ڪنداسين. هنن کي يقين هو تہ اللّٰه تعاليٰ جي فضل جي ڪري اسان سيني کان وڌيڪ طاقتور آهيون ۽ حق تي هئڻ ڪري اسان مضبوط حفاظت هيٺ آهيون.

ابن عبدالوهاب صلح سانت سان تبليغ ڪرڻ لڳو. پر جڏهن ڏٺائون تہ مخالف يڪمشت ٿي ڪين نابود ڪرڻ جون تياريون ڪري رهيا آهن تڏهن تلوار مياڻ مان ڪڍي جهاد جو اعلان ڪيائون. اهي لڙايون سٺ سالن کان بہ مٿي جاري رهيون.

سنہ 1745 عيسوي ۾ امير محمد وفات ڪئي پر سندس پٽ عبدالعزيز بہ پنهنجي پيءَ جي پيروي ڪري ابن عبدالوهاب کي پنهنجي خيالن جي تبليغ ڪرڻ ۾ مدد ڏني.

اگرچ سعود گهراڻي کي گهڻن دشمنن سان مقابلو ڪرڻو پيو تہ بہ مخالفن جو مقصد حاصل نہ ٿيو. رفتہ رفتہ ابن عبدالوهاب جي تبليغ بہ ڪامياب ٿيندي ويئي ۽ ابن سعود جو عربستان تي تسلط بہ وڌندو ويو.

سنہ 1791 عيسوي ۾ ابن عبدالوهاب وفات پاتي. وفات کان اڳي پنهنجو ڪم مضبوط بنياد تي قائم ڪري ويو. سندس پٽ بہ سندس نقش قدم تي هليا ۽ انهن ابن سعود جي گهراڻي سان اڃان بہ وڌيڪ اتفاق قائم ڪيو.

سنہ 1805 ۾ ابن سعود جي حڪومت جزيرت العرب جي گهڻي ڀاڱي ۾ قائم ٿي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ويئي ۽ ان سڄي پاڳي جا ماڻهو ابن عبدالوهاب جي خيالن جا قائل هئا.
ابن سعود جي طاقت هڪڙي پاسي ۽ مصر ۾ محمد علي جي طاقت ٻئي پاسي ڏسي ترڪيءَ کي انديشو پيدا ٿيو. هنن تجويز ڪري محمد علي ۽ ابن سعود کي پاڻ ۾ ويڙهائي وڌو جنهنڪري سعود گهراڻي جي طاقت ٿوري وقت لاءِ گهٽي قدر گهٽجي ويئي پر ظلم ۽ زور جي ڪري نجدين جو نڪو ايمان ضعيف ٿيو نڪي سندن جوش ٺريو.

## وهابيت ڇا آهي؟

مان اوهان کي اڳئي ٻڌايو آهي ته وهابيت جو لفظ عربستان ۾ ڪنهن ٻڌو به نه آهي. پر هن وقت اهو لفظ گهڻو ڪري انهيءَ ماڻهوءِ سان لڳايو وڃي ٿو جو مذهبي اصلاح ڪرڻ جي ڪوشش ٿو ڪري. اگرچه نجد سان هنجو ڪو تعلق به نه هجي. نه رڳو ايترو پر انهيءَ پوائنٽ تي ايترو مونجهارو پيدا ٿيل آهي جو ابن تيميه کي وهابي ڪوٺيو ٿو وڃي اگرچه هو ابن عبدالوهاب کان پنج صديون اڳي ٿي گذريو هو.

وهابي به ٻين مسلمانن وانگر مسلمان آهن ۽ امام ابن حنبل جي مذهب تي هلندڙ آهن. هنن جو مقصد فقط اهو آهي ته اسلام کي بدعتن کان صاف ۽ پاڪ ڪري انهيءَ حالت ۾ آڻين جا حالت رسول الله ﷺ ۽ خلفائي راشدين جي زماني ۾ هئي. سندن تعليمات جو مختصر انتخاب هيٺ ڏجي ٿو. (نوٽ: مان وهابين سان سڀ ڪنهن راءِ ۾ شامل نه آهيان).

(1) قرآن شريف ۽ حديثن جي معنيٰ ۽ مطلب ڪڍڻ جو سيڪنهن کي حق آهي بشرطيڪ هو علم ۽ تعليم جي ڪري معنيٰ ڪڍي ۽ سمجهي سگهي ٿو. هر ڪنهن عالم کي قرآن مجيد ۽ حديثن سمجهڻ جو حق آهي. هنن جو (يعنيٰ نجدين جو) خيال آهي ته قرآن شريف ۽ رسول الله ﷺ جي قول ۽ فعل جي معنيٰ مطلب ٻڌائڻ ڪنهن خاص فرقي جو حق نه آهي.

(2) سيڪا ڳالهه ۽ سڀ ڪو ڪم الله تعاليٰ ٿو ڪري هو هر طرح قادر مطلق آهي ۽ سڀ ڪجهه ڪري ٿو سگهي. ڪو به انسان ڪيترو به عالمي درجي جو هجي ته به گنهگارن کي ڇڏائڻ لاءِ سفارش يا شفاعت ڪري نٿو سگهي. انسان کي فقط پنهنجا عمل ڇڏائيندا جي هن دنيا ۾ ڪيا هوندائين جيئن قرآن شريف فرمائي ٿو ته جنهن چڱائي جو ذرڙو به ڪيو هوندو سو اُن کي ڏسندو ۽ جنهن بڇڙائيءَ جو ذرڙو به ڪيو هوندو سو به اُن کي ڏسندو.

هن مان نتيجو ٿو نڪري ته وهابين جي تعليم موجب شفاعت ڪجهه به ڪري نه سگهندي. مگر توبه جو رستو سڀ ڪنهن لاءِ بنا سفارش جي کليل آهي ڇو ته الله تعاليٰ انسان کي حبل الوريد (ڳچيءَ جي رڳ) کان به وڌيڪ ويجهو آهي.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

شفاعت جو اعتقاد اڳوڻن زمانن جو يادگار آهي جڏهن مقربن جي پچندي گهٽي هوندي هئي. توهان کي خبر آهي تہ بادشاه اُهو پيارو لڳندو آهي جو پنهنجي ماڻهن سان بي تڪلف رلي ملي هلي ۽ بذات خود هنن جا فرياد ٻڌي ۽ انهن جو تدارڪ ڪري. مگر جيڪو بادشاهہ اميرن ۽ وزيرن ۽ سپاهين سان وڪوڙيل آهي ۽ جنهن وٽ ڪو بہ وڃي نٿو سگهي سو ڪيئن رعيت کي وڻندو. جيڪڏهن رواجي بادشاهن لاءِ ائين آهي تہ پوءِ فطرتن ائين ئي هٽڻ گهرجي تہ بادشاهن جي بادشاه ۽ سڄي خلق جي خالق وٽ سڀڪو انسان سڌيءَ طرح بنا ڪنهن سفارشيءَ جي پنهنجو عرض احوال پيش ڪري سگهي.

(3) هن دنيا ۾ ڪيل عملن تي ئي سڀ ڪجهہ منحصر آهي يعني سچو مسلمان اهو ناهي جو خدا ۽ رسول ﷺ تي خالي ايمان آڻي پر اسلام جي تعليمات تي عمل نہ ڪري يا خدا وٽ پهچڻ لاءِ عملن تي نہ پر ڪن پين وسيلن تي ڀروسو رکي.

(4) هر قسم جي عبادت ۽ بندگي فقط هڪ خدا جي ڪرڻي آهي. يعنيٰ قربانيون نذر نياز وغيره الله تعاليٰ جي لاءِ آهن ۽ فقط هن وٽان ئي عملن جي ئي شفاعت وٺي وڃجي. الله تعاليٰ وٽ پهچڻ لاءِ قبرن جو وسيلو نہ وٺجي نڪي انهن کان دنيائي مرادون پنجن.

(5) الله تعاليٰ جي عبادت اهڙيءَ طرح ڪجي جيئن رسول الله ﷺ سيڪاري. ماڻهن سان هلت چلت وقت جي ضرورتن موجب ڦيرائجي بشرطيڪ اسلام جي عام اسپرٽ کان ٻاهر نہ وڃجي.

مطلب تہ وهابين، رسول الله ﷺ جي روش ۽ طريقا بهتر سمجهي تي سگهيا.

## وهابيت جي هاڻوڪي حالت

جڏهن وهابين جي ملڪي طاقت گهٽجي ويئي تڏهن وهابيت فقط نجد ملڪ ۾ وڃي رهي. پر شيخ محمد عبده مرحوم جيڪو تازو مصر جو مفتي اعظم هو سو مصر ۾ پهريون انسان هو جنهن شيخ محمد ابن عبدالوهاب جي واڪاڻ ڪئي ۽ سندس مخالفن کي ننديو. نہ رڳو ايترو پر شيخ عبده الازهر ۾ جيڪي وعظ ۽ خطبا ڏنا تن ۾ ساڳيائي ابن عبدالوهاب وارا خيال ۽ عقيدا سيڪاريائين. فقط ايترو تفاوت هو تہ ابن عبدالوهاب کي ابن سعود جي مدد هئي ۽ سندس خيالن جي مقبوليت گهٽي دائره ۾ تي ويئي مگر شيخ عبده جي مقبوليت فقط مصر جي ڪن ٿورن سڌريل ۽ گهٽي علم وارن وٽ تي. شيخ عبدو جي پيروي ڪندڙ کي بنا مبالغي عملن وهابي ڪوٺي سگهجي ٿو مگر نالي ۾ وهابي (هتان اصل مواد مان ٽڪرو ڦاٽل آهي). . . . . . . . .
جنهن ٽنب تي هزارين ماڻهو پنهنجون مرادون حاصل ڪرڻ لاءِ اچي گڏ ٿيندا هئا شيخ انهيءَ ٽنب تي لڪائي ڇڏيو تہ هي فقط پٿر جو ٽنب آهي جو نڪو نفعو پهچائي نہ ڪو نقصان پر بدقسمتيءَ سان هي عاليشان مصلح جلدئي رٽيل سڌارن کان اڳ ۾ ئي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

رحلت ڪري ويو.

خوشيءَ جي ڳالھ آهي تہ ابن تيميہ جا اصول شرعي قانونن ۾ داخل ڪيا ويا آهن. انهيءَ عاليشان اصلاح جا بانيڪار الازهر جو هاڻوڪو امام ۽ سندس سنگتي هاڻوڪو مفتي اعليٰ آهن جي بيشڪ تحسين ۽ آفرين جا لائق آهن. اهي ٻئي مرحوم شيخ عبدوءَ جا اوائلي معتقد آهن.

مان بنا مبالغ چئي سگهان ٿو تہ دنيا جي هر اسلامي ملڪ ۾ سڌريل ۽ چڱا مسلمان عملن وهابي آهن اگرچ نالي ۾ وهابي ناهن نڪي اصل نجد مان آيل ۽ نہ نجدين جي تعليم حاصل ڪئي اٿن. ڇو تہ اهو ئي فرقو آهي ( جنهن سڄي اسلامي دنيا ۾ قبول ڪيل آهي) جو پاڻ تي پاڙڻ جو اصول ٿو سيکاري ۽ قبر پرستي کان روڪي ٿو ۽ پڻ اهل مماتي وارن کان مدد گهرڻ کان روڪي ٿو ڇو تہ اهي ڪو نفع يا نقصان پهچائي نٿا سگهن.

ازان سواءِ وهابي جمهوريت ۽ آزاديءَ جي اصولن جي تبليغ ٿا ڪن يعني حڪومت شخصي نہ هئڻ گهرجي ۽ هر ڪنهن ملڪ ۽ قوم کي حق آهي تہ ٻين کان آزاد رهي ۽ پنهنجي فائدي لاءِ حڪومت جو انتظام پاڻ رکي. ترڪي جي سلطانن جيڪو مذهبي اقتدار ۽ اثر سڄي اسلامي دنيا تي قائم ڪيو هو، وهابي اهڙي قسم جي اقتدار ۽ اثر جي خلاف آهن. وهابين جو تعلق پنهنجي بادشاھ سان اهو آهي جو اسلامي اصول جي ماتحت آهي تہ ”ڪنهن بہ بشر جي بيعت خالق جي قانونن جي خلاف ڪرڻي ناهي“ اهو اصول سڄي دنيا ۾ مسلمانن خواه غير مسلمانن ۾ رائج ٿي ويو آهي. جتي ڪٿي بادشاه يا امير جي اختياري محدود ڪئي ٿي وڃي.

توهان مان ڪو بہ نجد يا حجاز ۾ هن وقت اچي تہ ڏسي سگهندو تہ وهابين جو بادشاھ ڪيئن پنهنجي رعيت سان رلي ملي ٿو هلي ۽ توهان کي هڪدم ڏسڻ ۾ ايندو تہ گويا اسلام جو شاندار اوائلي زمانو واپس موٽي آيو آهي. ابن سعود جي سادگي، دل ۽ چال جي استقامت، انصاف. خود داري، دورانديشي ۽ تدبر مان تصور ڪندو تہ گويا خليفۂ اعظم عمر ابن الخطاب جي زماني ۾ ٿا رهون.

سنہ 1910 عيسوي ۾ هاڻوڪي بادشاھ ابن سعود انهيءَ ڪم ڪرڻ جو عزم ڪيو جيڪو اڳوڻو بادشاھ نہ ڪري سگهيو. اڳي وهابيت جي تبليغ فقط وڏن ڳوٺن ۽ شهرن ۾ ڪئي ويندي هئي تنهنڪري جيڪي فساد ۽ وڳوڙ مختلف وقتن ۾ ٿيندا هئا سي بدوين کان ئي ٿيندا هئا. اُهي هميشہ انهن جو طرف وٺندا هئا جن کان وڌيڪ ڏيندا هئا يا جي ڪين لٽ جو مال گهڻو آڇيندا هئا. اهوئي سبب هو جو انهن بدوين کي بعضي مصري، بعضي وهابي بعضي رشدي ڪوٺيو ويندو هو. تنهنڪري ملڪ جي بچاءِ لاءِ لڙڻ جو سڄو بار شهرين تي پوندو هو. ابن سعود هن مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ هيٺيان مناسب اُپاءُ ورتا جو هنن لاءِ چشمن جي پرسان خاص گهر جوڙايائين


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ پاڳي پائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

۽ ڪيتي جي ڏنڏي ڪرڻ لاءِ همٿايائين، ۽ هر هڪ اهڙي ڳوٺ ۾ هڪ عالم شيخ موڪليائين انهيءَ لاءِ تہ ڪين پڙهڻ سيکاري ۽ رسول الله ﷺ ۽ اڳوڻن نبين ۽ رسولن ۽ مشهور بزرگن جا حالات پڙهي ٻڌائي. انهن بدوين کي بياباني يا رولو زندگي جي خرابين جهڙوڪ ڦرلٽ ۽ قتل جي تباه ڪندڙ نتيجن کان آگاه ڪيو ٿو وڃي. انن ورهين کان اها پاليسي جاري رهي آهي ۽ ان جو نتيجو ڏاڍو سهڻو نڪتو آهي. اهي ساڳيا بدوي جن کان نجد کي هميشہ خطرو رهندو هو سي نجد لاءِ وڏي ۽ چڱي طاقت ثابت ٿيا آهن ۽ هو ملڪ جي انتظام ۽ پاليسي ۾ ڀهرو وٺي سگهن ٿا يعني هنن کي پنهنجي حقن ۽ بهتري حاصل ڪرڻ لاءِ راين ڏيڻ جو حق آهي. اڳي جنهن ڊر سان شامل ٿيندا هئا تنهن کي منجهائن خطرو هوندو هو. هاڻي هو موت جي منهن ۾ ڏنا وڃن ٿا تہ بہ وفادار ۽ مستقيم رهن ٿا ۽ مٿن پورو پورو ڀروسو رکي سگهجي ٿو. هڪڙو مزيدار مثال هيٺ ڏجي ٿو:

1919 ۾ جيڪا مشهور طوبہ واري جنگ ابن سعود ۽ اڳوٽي شريف حسين جي وچ ۾ لڳي هئي ۽ ملڪ حسين جو لشڪر پيسجي ويو هو تنهن جنگ ختم ٿيڻ وقت هڪڙو بدوي ڪنهن عالم شيخ وٽ آيو ۽ منافقيءَ جي معنيٰ پڇيائينس. جڏهن هن معنيٰ ٻڌايس تڏهن وري پڇيائيس تہ جيڪڏهن مان دشمن کي منهن ڏيڻ بدران پاسو ڏنو تہ مان منافق سمجهبس ڇا ۽ الله تعاليٰ جي غضب جو لائق ٿيس ڇا؟ شيخ جواب ڏنو تہ نہ جيڪڏهن پٺي نہ ڏني تہ منافق نہ سمجهبين نڪي توتي خدا جو غضب ٿيندو. تنهن تي بدوي وري جواب ڏنو تہ مان تنهنجو اهو تاويل سچو نٿو سمجهان، تنهنڪري مان گهران ٿو تہ منهنجي پاسي کي پنهنجي لڪڻ سان ڏڪ هڻي ان مان منافقي ڪڍي ڇڏ. ڇو تہ جڏهن دشمن جا گولا تيز ۽ تڪڙا اچڻ لڳا تڏهن ٿورڙي گهڙي لاءِ منهنجي همت گهٽجي ويئي پر جلد ئي وري همت واپس اچي ويئي ۽ مون پٺي ڪانہ ڏني. مان هن تي ٽپو ڏيئي ڪاهي پيس ۽ تلوار سان سندس توب تي هلان ڪري ويس ۽ ڪيس ماري وڌم. تنهن هوندي بہ مان چاهيان ٿو تہ منهنجي هن پاسي کي خوب ڏڪ هڻ جو ٿورڙو وقت لرزي ويو ۽ ان مان منافقي ڪڍي ڇڏ.

شيخ حافظ وهبہ نجدي جي تقرير جو انتخاب هت پورو ٿو ڪيان. اها تقرير هن لاءِ ڏني اٿم تہ ماڻهن کي خبر پوي تہ وهابيت ڇا آهي ۽ ڪهڙا وهابيت جا اعتقاد آهن. وهابين جا ٻيا اعتقاد هن تقرير ۾ ڪونہ ڏنل آهن. شايد لڪايا اٿس. مگر ڀانئجي ٿو تہ سندن مکيہ اصول اهي آهن جي مٿئين تقرير ۾ بيان ڪيل آهن. هيئن بہ آهي تہ سيڪنهن فرقي ۾ ڪي جاهل جوشيلا بہ هوندا آهن جيڪي حد کان ٻاهر لنگهي ويندا آهن ۽ پنهنجي فرقي کي بدنام ڪندا آهن. مان فقط ايترو چوندس تہ وهابين جاڪي اصول سهڻا بہ آهن. هو بدعتن کي ڏڪاريندڙ، شرڪ کان سو ڪوهہ پري ڀڄندڙ ۽ ڪتاب الله ۽ سنت رسول الله ﷺ ڏي رجوع ڪندڙ آهن ۽ غير مقلد ٿا ڏسجن. غلطيون منجهن بہ آهن پر غلطين کان خالي ڪير


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

آهي؟ الله تعاليٰ شال کين ۽ اسانکي هدايت ڏئي.

تقرير ۾ هڪڙي ڳالھ جيڪا مون متي بہ ڪنهن باب ۾ بيان ڪئي آهي تہ جتي جتي ڪي چڱا پڙهيل عالم آهن ۽ اسلام جي لاءِ ڪوشش ٿا ڪن سي وهابي ٿا سڏيا وڃن. تازو هڪ مولوي صاحب جيڪو وهابين جو سخت مخالف آهي تنهن گفتگو ڪندي فرمايو تہ جيڪو بہ گهٽو علم ٿو پڙهي سو وهابي ٿيو پوي. مون چيو تہ مولوي صاحب توهان سنوان سدا ماڻهون آهيو جو قبول ڪري چڪا آهيو تہ جيڪي وهابي ٿا سڏجن تن ڪي علم گهٽو آهي. مگر پنهنجي ئي زبان مبارڪ سان اهو بہ قبول ڪري چڪوءُ تہ هو حق تي آهن. چو تہ گهٽو علم حق تي پهچندو نہ ڪي باطل تي. هاڻي يا تہ چئو تہ اُهي جن ڪي وهابي ٿا سڏين سي گهٽي قدر حق تي آهن يا چئو تہ گهٽو علم پڙهڻ چڱو ناهي. پوءِ تہ انهيءَ پهاڪي جي بہ مخالفت ڪرڻي پوندي تہ نيم ملان خطره ايمان.

تازو ڪالھ شام جو تاريخ 9 جون 1931 تي هڪڙي حاجي صاحب سان ملاقات ٿي جيڪو تازو حج ڪري آيو آهي. مون پڇيس تہ حجاز جا عرب شريف حسين جي ڏينهن ۾ وڌيڪ خوش هئا يا هاڻوڪي ملڪ ابن سعود جي ڏينهن ۾؟ جواب ڏنائين تہ ابن سعود جي ڏينهن ۾ ڏاڍا رنج آهن. چو؟ وراڻيائين: قبن ڍهرائڻ جي ڪري. پلا ٻي بہ ڪا شڪايت ڪن ٿا. چي ٻي خبر مونکي ڪانهي. پلا اخلاقي ۽ مالي حالت سڌري اٿن؟ يا خراب ٿي اٿن. چي مونکي خبر ڪانهي، باقي هيترو آهي تہ امن امان ڏاڍو آهي. پلا نجدي ڪيئن آهن؟ چي متي ڦريل آهن ۽ رسول الله ﷺ کي نٿا مڃين ڪلمون بہ ڪونہ ٿا پڙهن. مون چيو تہ ٻيا حاجي تہ چون ٿا ڪلمون بہ پڙهن ٿا ۽ صلوات سڳوري بہ پڙهن ٿا، پر توهان ڪيئن ٿا چئو تہ رسول الله ﷺ کي نٿا مڃين. چي زيارتون ڪرڻ نٿا ڏين ۽ روضي مبارڪ جي ويجهو بہ وڃڻ نٿا ڏين. مون پڇيو تہ جيڪڏهن رسول الله ﷺ کي نٿا مڃن تہ پاڻ کي مسلمان ڪيئن ٿا ڪوٺائين ۽ ڪنهن کي ٿا مڃين ۽ ڪنهن جي شريعت جي پابندي ٿا ڪن. ڪورٽن ۾ فيصلا وغيره ڪهڙن قانونن سان نبيريا ٿا وڃن. جواب ڏنائين تہ شريعت محمدي جا تہ سخت پابند آهن. نماز، روزا، زڪوات وغيره بلڪل باقاعدي ادا ڪندڙ آهن ڪورٽن ۾ شريعت موجب فيصلا ڪيا ٿا وڃن. پوءِ مون کيس سمجهايو تہ اسلام تہ اهو ئي آهي ۽ رسول الله ﷺ کي مڃڻ جي معنيٰ آهي سندس حڪمن تي هلڻ. مون هيئن بہ چيو تہ زيارتن کون منع نہ ڪندا هوندا مگر بدعتن ۽ شرڪ جي رسمن جي منع ڪندا هوندا ۽ انهيءَ انديشہ جي ڪري ڪن هنڌن تي وڃڻ نہ بہ ڏيندا هوندا. مان مڃان ٿو تہ هو انهيءَ ۾ ڪجھ قدر غلطي بہ ٿا ڪن ۽ ڪين قبا ڍاهڻ بہ نہ گهربا هئا پر انهيءَ ڪري ائين ڪونہ چئبو تہ هو اسلام کان ڦريل آهن ۽ رسول الله ﷺ کي نٿا مڃين. توهان مهرباني ڪري ٻڌايو تہ ڪهڙا اسلامي ملڪ آهن جنهن جي ڪورٽن ۾ ايتري قدر شريعت تي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

فيصلا تا ٿين جيتري قدر حجاز ۽ نجد ۾؟ ڪهڙي ملڪ جا ماڻهو نماز روزن وغيره ۾ نجدين کان وڌيڪ عامل آهن؟ ڪهڙي ملڪ ۾ زنا، چوري، نشو، جوابازي، ڪوڙ، ٺڳي، ظلم، جهيڙا فساد ۽ حق غضبي نجد کان گهٽ آهي؟ پوءِ حاجي صاحب ڪي چيم اسان سنڌي ماڻهو پاڻ ۾ عيبن جا مڻ به نه ڏسي سگهندا آهيون مگر ٻين ۾ رتيءَ جو عيب ڏسي انکي جبل ٻڌائي ڇڏيندا آهيون. ڪهڙي نه ارمان جي ڳالهه آهي جو هڪ سچي قوم کي ڪن ٿورين غلطين سببان اسلام کان ڦريل ۽ رسول الله ﷺ کي نه مڃيندڙ سمجهجي ۽ ناحق کين بدنام ڪجي. فراخدلي ۽ انصاف اهو آهي ته هننجي غلطين بداعتقادن ۽ بدعملن کي به مشهور ڪجي پر ان سان گڏ هننجي نيڪين جو به اعتراف ڪجي.

هڪڙي مولوي صاحب فرمايو ته وهابي شريعت تي هلندڙ آهن پر رسول اللهﷺ سان سخت دشمني اٿن ڇو ته نماز ۾ به رڳو فرض پڙهندا آهن ۽ سنتون ترڪ ڪندا آهن. هي به هڪ عجيب منطق آهي. سنتون رسول الله ﷺ واسطي ٿيون پڙهجن ڇا؟ جي هائو ته اهو ته نسورو ڪفر آهي جو ته عبادت فقط الله تعاليٰ جي لاءِ ڪرڻي آهي. پر جيڪڏهن انهيءَ خيال سان نٿا پڙهن ته انهيءَ وڌيڪ نماز لاءِ الله تعاليٰ حڪم ڪونه ڪيو آهي پر اسان جي دشمن رسول الله ﷺ پنهنجي طرفان سيڪاري آهي تنهنڪري ان جي مخالفت ڪيون. ته پوءِ چئبو ته اهڙا پوڪ آهن جو پنهنجو فائدو ڇڏي يا پنهنجو نقصان سهي به رسول الله ﷺ سان وير تا پاڙين. پر اجا به وڌيڪ پوڪ آهن جو سمجهن ٿا ته ان مخالفت مان ڪو رسول الله ﷺ کي نقصان رسندو. پر وڏي ڳالهه اجا به هيءَ آهي ته خدا پنهنجا احڪام ڪنهن ڏي موڪليا ۽ ڪنهن الله تعاليٰ جا احڪام پهچايا ۽ سيکاريا. جڏهن نجدين کي رسول الله ﷺ سان عداوت آهي ته وڌيڪ عداوت الله تعاليٰ سان هئڻ گهرجين جنهن سندن دشمنن کي رسول بنائي ڪيس وحي موڪليو. بلڪ هن حالت ۾ ته کين مجڻ ئي نه گهرجي ته ڪو سندن دشمن ڏي وحي ايندو هو بلڪ کين اعلان ڪرڻ گهرجي ته اهو قرآن شريف يا ته الاهي ڪلام ئي ناهي، اهو سندن ڪنهن پڙاڏي تي نازل ٿيو هو.

اهو ساڳيو مولوي صاحب رسول الله ﷺ جي محبت جو ڏاڍو دم هڻندو آهي ۽ جڏهن رسول الله ﷺ جي شان بابت وعظ ڪندو آهي ته ڏاڍا عجيب قصا ۽ سڪ پريل قصيدا پڙهندو آهي. ڪيس اها خبر هئڻ گهرجي ته سچي سڪ آهي سندس حڪمن تي هلڻ نه زباني ڦڻاڪا ڇوڙڻ. سچو دوست ته انهيءَ کي چئبو آهي جو ڪم اچي، نه اهو جو رڳو دوستيءُ جو دم هڻي.

مٿين ٻن ٽن مثالن جو مقصد هي آهي ته ماڻهن کي خبر پوي ته ڪهڙن ڪهڙن نمونن سان وهابين ۽ غير مقلدن کي بدنام ڪيو ٿو وڃي.



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

## وهابين يا غير مقلدن جا عقيدا

مان اڳي چئي چڪو آهيان ته وهابين جي عقيدن جي مونکي گهٽي خبر ڪانهي. مون فقط سنڌي ڪتاب توحيد اسلام پڙهيو آهي جنهن بابت چيو ويجي ٿو ته وهابيت جي فاسد عقيدن سان ڀريو پيو آهي. ۽ پڻ حافظ وهبه جي تقرير پڙهي اٿم جنهن تقرير جو انتخاب اڳئي هن ڪتاب ۾ ڏنل آهي. پر انهن کان سواءِ ٻيو هڪڙو ڪتاب پڙهيو اٿم جنهن ۾ وهابين اهل حديث ۽ غير مقلدن جي عقيدن جي ترديد ڪيل آهي. خدا ڄاڻي ته سچ پچ اهي عقيدا وهابين جا آهن يا نه پر فرض ڪيو ته آهن. انهيءَ ڪتاب مان ڪي عقيدا چوندي انهن تي آءٌ ڪي ريماڪ ڏيان ٿو.

وهابين تي پهريون الزام هي آهي ته هو تصوف جي چئن طريقن جا منڪر آهن. مونکي خبر ناهي ته اهي چار طريقا ڪهڙا آهن پر جيڪڏهن اهي طريقا اهي ئي نمونا سيکارين ٿا جيڪي مون اڳئي تصوف جي باب ۾ بيان ڪيا آهن ته سچ پچ اُهي مون کي ته چڱا ڪونه ٿا لڳن. پر سمجهو ته اُهي طريقا ٻيا آهن ته به سوال آهي ته اُهي طريقا رسول الله ﷺ ۽ اصحابن سڳورن جا آهن يا پوءِ نڪتل آهن. جيڪڏهن پوءِ نڪتل آهن ۽ ڪو ماڻهو انهن کان انڪار ڪري ته انهيءَ کي ڇو فاسق ڪوٺڻ گهرجي. رسول الله ﷺ ۽ صحابن سڳورن جي طريقن تي هلڻ ڪافي ناهي ڇا؟

ٻيو الزام آهي ته وهابي چئن مذهبن جي تعليم کان انڪار ٿا ڪن. مان ته پاڻيان ٿو خود نجدي به انڪار ڪو نه ٿا ڪن ۽ اهو امام ابن حنبل جو مذهب ٿا رکن. پر فرض ڪيو ته هو تسليم نٿا ڪن پر ان جي بدران قرآن شريف تي ۽ رسول الله ﷺ ۽ اصحابن سڳورن جي عملن ۽ اقوالن تي عمل ٿا ڪن. پوءِ اُن کي ڇو ٿو خراب سمجهيو وڃي. رسول ﷺ جن پنهنجي آخري حج (حجتہ الوداع) واري خطبي ۾ فرمايو ته: جيستائين قرآن شريف کي مضبوط جهليندؤ تيستائين گمراه نه ٿيندؤ. مگر سوال هي آهي ته وهابي قرآن شريف ۽ حديثن جي صحيح معنيٰ ٿا ڪن يا غلط. جيڪڏهن غلط ٿا ڪن ته ثابت ڪري ڏيکارجي. ٻيو سوال هي آهي ته وهابي پنهنجون معنائون ٿا ڻاهين يا اڳوڻن تفسيرن تي ٿا هلن. جيڪڏهن اڳوڻن تفسيرن تي ٿا هلن ته ڪهڙن تي ۽ اهي معتبر آهن يا نه.

ٽيون الزام آهي ته اوليائن جي ڪرامتن (خرق عادت) کان انڪار ٿا ڪن. ڪرامتن ۾ جيڪڏهن اهو اعتقاد رکجي ته ڪنهن به انسان پيغمبر خواه ٻئي کي خرق عادت ڪرڻ جي سڌيءَ طرح طاقت آهي ته شرڪ ۽ ڪفر آهي ۽ جيڪڏهن وهابي انهيءَ اعتقاد جي خلاف آهن ته هو حق تي آهن. پر جيڪڏهن اهو اعتقاد رکجي ته الله تعاليٰ پنهنجي ڪنهن به ٻانهي جي هٿان خرق عادت جهڙو ڪم ظاهر ڪرائي ٿو ته پوءِ اهو عقيدو مون کي چڱو ٿو ڏسڻ ۾ اچي. خبرناهي ته وهابي اهو عقيدو پسند ڪن ٿا يا نه. پر سچ هيئن آهي ته الله تعاليٰ کو وري خرق عادت جو ڪم پنهنجي ڪنهن


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ٻانهي هٿان ظاهر ٿو ڪرائي، پر جيڪڏهن ڪرائي ٿو ته ڪنهن به انسان ٻلڪ ٻار ۽ مست جي هٿان به ڪرائي ٿو. اجان به چئجي ته بيجان شيءَ جي وسيلي به الله تعاليٰ پنهنجي قدرت جو نظارو پسائي ٿو. مثلن حديث آهي ته رسول الله ﷺ جن مسجد نبوي جي هڪ ٿنڀي ڪي ٽيڪ ڏيئي خطبو ڏيندا هئا. پوءِ جڏهن هنڪي ڇڏي منبر تي چڙهي وعظ ڪيائون تڏهن ٿنڀ منجهان غمناڪ آواز ٻڌڻ ۾ آيو. تنهنڪري هي چوڻ ۾ اچي ٿو ته ولين ڪي سندن ڪرامتن ڪي مڃڻ گهرجي سو ڇو. دلين تي ڪا خاص مهر لڳل آهي ڇا جنهن سان سمجهي وٺون ته فلاڻا ولي آهن باقي ٻيا چور آهن. ولين جي ڪرامتن ڪي مڃڻ ايمان جو جزو آهي ڇا؟ درحقيقت اُهي سڀ انسان جي دل جي اخلاص سان اسلام جيڪي سمجهڻ ۽ اُن تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش ٿا ڪن سي سڀ الله تعاليٰ جا پيارا آهن پوءِ انهن کان خرق عادت جهڙو عمل ظهور ۾ اچي توڙي نه اچي ۽ اسان کي خبر پوي توڙي نه پوي ته هو نيڪ ٻانها آهن يا نه آهن. ولين ۽ سندن ڪرامتن ڪي مڃڻ تي جو ايترو زور ڏنو ٿو وڃي سو رڳو انهيءَ لاءِ ته ماڻهو اسان ڪي پيرين پون ۽ جيئن ڪين چئون تيئن ڪن ۽ پنهنجو گهر ڀاري اسانجي عيش عشرت جو سامان موجود ڪن. ڪيترائي بزرگ اڄ سڌيءَ طرح پاڻکي اولياءِ ۽ ڪرامت جا صاحب ٿا چوائين حالانڪ حضرت عمر رضي الله عنه ۽ امام اعظم جهڙا پلارا صاحب به خدا جي خوف ۾ ڏڪندا ويا.

چوٿون الزام هي ڏنو وڃي ٿو ته وهابي نيڪ روحن کان مدد گهرڻ ڪي شرڪ ٿا سمجهن ۽ اهل مماتي وارن کان مدد گهرڻ ۽ ڪائنٿ ثواب حاصل ڪرڻ کان انڪار ٿا ڪن. سورت فاتح ۾ آهي ته اياڪ نستعين يعنيٰ اي الله سائين اسان فقط تو کان ئي مدد ٿا گهرون. جيڪڏهن اها معنيٰ پوري آهي ته پوءِ وهابي حق تي آهن. جيڪڏهن اها پوري ناهي يعني معنيٰ فقط اها آهي ته اي الله سائين! اسان توکان مدد ٿا گهرون ته پوءِ ڏسجي ته ڪو ان بابت رسول الله ﷺ جو صحيح قول موجود آهي يا نه. ياڻئجي ٿو ته آهي ئي ڪونه. پوءِ ڏسجي ته ان بابت اصحابن سڳورن جو عام فعل ڪهڙو هو. خلفائي راشدين جي وقت ۾ اصحاب سڳورا يا ٻيا مسلمان دور دور کان مسافري ڪري روضي مبارڪ وٽ پهچي ڪائنٿ مدد گهرندا هئا ڇا؟ يا گهر ويٺي ئي رسول الله ﷺ کي پڪاري مدد گهرندا هئا ڇا؟ مونکي پورو علم ڪونهي مگر مان نٿو ياڻيان ته هو ائين ڪندا هوندا. گهٽو گهٽو ته ائين ڪيو هوندائون جو گهر ويٺي سوال ڪيو هوندائون ته اي الله سائين طفيل پنهنجي پاڪ پيغمبر جي منهن جي هي مراد پوري ڪر. جيڪڏهن روضي مبارڪ وٽ انهيءَ نموني سوال ڪيو هوندائون ته نه رڳو انهيءَ لاءِ خاص طرح سيڙجي قيمتي وقت ۽ پيسا خرچ ڪري اهل اولاد کي ڇڏي جان تڪليفن ۾ وجهي دور کان مسافري ڪري ڪو آيا هوندا ته وڃي رسول الله ﷺ جي روضه مبارڪ وٽ پٽ لاءِ ڳاڙهي ڪنوار لاءِ سوال گهرون. جيئن اڄ ڪلهه قلندر


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

شهباز ۽ شاه گودڙئي تي پري پري کان هجوم ماڻهن جا اچي تا گڏ ٿين. ائين هرگز خلفائي راشدين جي وقت ۾ مسلمانن ڪونہ ڪيو هوندو. ڇو تہ الله تعالىٰ هر جاءِ حاضر آهي ۽ سيڪنهن هنڌ سوال ٻڌي ٿو. تازو صحيح بخاري ۾ پڙهيو اٿم تہ سفر فقط ٽن مسجدن ڏي ڪرڻ جائز آهي 1. بيت الحرام 2. بيت المقدس 3. مديني ۾ مسجد نبوي ڏانهن. هن مان ثابت ٿيو تہ ڪنهن بہ مقبري يا خاص طرح روضي مبارڪ لاءِ سفر ڪرڻ جائز ناهي. بيشڪ انهيءَ نموني سوال ڪرڻ گهرجي تہ رسول الله ﷺ جي طفيل منهنجي هيءَ دعا قبول ڪر. نڪي شرڪ آهي نڪي خراب آهي. پر مون کي گمان آهي تہ اصحاب سڳورن ائين بہ ڪو ورلي ڪيو هوندو. ڇو تہ الله تعالىٰ سڌي طرح سيڪنهن جو سوال ٻڌندڙ آهي. جيڪڏهن منهنجو اهو گمان سچو آهي تہ پوءِ بهتر طريقو اهو آهي جو اصحابن سڳورن جو هو. يعني رسول الله ﷺ تي صلوات پڙهي پوءِ رب تعالىٰ جي درگاه ۾ التجا ڪرڻ. پر جيڪڏهن دعا گهرجي تہ اي الله تعالىٰ مونکي رسول ﷺ جي طفيل هدايت ڪر ۽ جنت نصيب ڪر تہ پوءِ ان جي معنىٰ وري بلڪل ٻي ٿي نڪري. يعنىٰ انجو مطلب آهي تہ مونکي رسول ﷺ جي طريقي (اسلام) جي هدايت ڪر ۽ سندس پيروي ڪرڻ جي توفيق ڏيئي جنت جو حقدار ڪر. اها دعا تہ سڀ کان سهڻي آهي. والله اعلم بالصواب.

پنجون الزام هي آهي تہ وهابي ڏهي، چاليهي ۽ ساليانيءَ جي خلاف آهن. مونکي خبر ناهي تہ ڏهو چاليهو يا ساليانو ڇا آهن فقط اها خبر اٿم تہ رمضان مبارڪ جي پوين نون يا ڏهن ڏينهن ۾ مسجد ۾ ويهي اعتڪاف ڪبو آهي ۽ رسول الله ﷺ جن پنهنجي پوئين رمضان ۾ ويهن ڏينهن جو اعتڪاف ڪيو هو. پر جيڪڏهن اصحاب سڳورا ڏهو، چاليهو ۽ ساليانا ڪندا هئا تہ پوءِ وهابي مردود ڇئبا جو اصحابن سڳورن جي طريق عمل کان منهن ٿا موڙين. پر صحيح بخاري ۾ ڏهي، چاليهي ۽ ساليانيءَ جو باب ئي ڪونہ ٿو لڀي. متان ڪانڌپي ۽ جماڻن وانگر ڏها، چاليها ۽ ساليانا بہ ملن پنهنجي پيٽ پرڻ لاءِ ناهيا آهن؟

ڇهون الزام وهابين تي هي ٿو لڳايو وڃي تہ وهابي شفاعت کان انڪار ٿا ڪن. مان پانيان ٿو تہ شفاعت کان انڪار ڪونہ ڪندا هوندا، مگر ان جي سمجهاڻي اسانجي سنڌ جي مولوين صاحبن جي خيالن سان موافق نہ هوندي. هن بابت مان اڳئي ڪجهہ لکيو آهي. وڌيڪ لکڻ جو ضرور ڪونهي. شايد وهابي چون ٿا تہ رسول ﷺ جن شفاعت تڏهن ڪندا جڏهن کين اذن (اجازت) ملندي ۽ اسانجا مولوي صاحب فرمائين ٿا کين اذن اڳئي مليل آهي. ان جو فيصلو رسول الله ﷺ جي قولن يا مشهور اصحابن سڳورن جي متفق راءِ موافق ٿيڻ گهرجي. جيڪڏهن اهڙو قول يا متفق راءِ موجود ڪونہ هجي تہ اجايو مغز ڇو ڪپائجي. انهيءَ سوال جو جواب کهڙو بہ هجي سيڪنهن حالت ۾ اسانکي تہ ضرور گناهن کان پرهيز ڪرڻ ۽ چڱن ڪمن ڪرڻ جي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

دائمي ڪوشش ڪرڻ گهرجي.

ستون الزام هي آهي ته وهابي رسول الله ﷺ جي روضي مبارڪ جي زيارت لاءِ سفر ڪرڻ کي حرام ٿا سمجهن. زيارت ڪرڻ ته چڱو ڪم آهي باقي خاص طرح فقط زيارت لاءِ سفر ڪري مديني منور ۾ پهچڻ تنهن بابت به رسول الله ﷺ جيڪو قول صادر فرمايو ۽ اصحابن سڳورن جي قول ۽ فعل موافق پنهنجي راءِ قائم ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن قول ۽ فعل موجود ڪونهي ته انهيءَ بابت بحث مباحثي ڪرڻ جو ضرور ڪونهي ۽ هرويرو دور ڪان مسافري جي تڪليف ۽ خرچ ڪرڻ جو ضرور ڪونهي. نه ته به اعتدال ڪان ٻاهر نه وڃجي. گهٽائي ڪم چڱا آهن پر انهن چڱن ڪمن ۾ به حد ڪان ٻاهر وڃڻ نقصان ڪار آهي. اسلام موجب سڀ ڪم ۾ اعتدال ڪان ڪم وٺجي. هڪڙي ڳالھ ڪندا آهن ته ٿورا ورهيه ٿيا ته هڪڙو رواجي ماڻهو مدينه منور پي ويو. جڏهن اٺ تان روضي مبارڪ جي نيلن تي نظر پيس تڏهن اٺ تان لهي وٺي پڳو ۽ پڄندي پڄندي روضه مبارڪ وٽ ته پهتو پر اتي وڃڻ سان دم ڏنائين. عام ماڻهو ان شخص جي انهيءَ فعل جي بيحد تحسين ٿا ڪن ۽ ڪيس ولي ۽ شهيد ٿا چون. پانئجي ٿو ته هئو به جاهل. جيڪڏهن جاهل هو ته رسول الله ﷺ جي سڪ ڪيئن ٿيس. سڪ ته انهيءَ کي هئڻ گهرجي جنهن کي رسول الله ﷺ جي اوصافن ۽ اخلاقن ۽ نيڪ عملن جي خبر هجي. پر سمجهو ته ڪنهن کي سچي سڪ به آهي ۽ انهي سڪ جي ڪري روضي مبارڪ جي زيارت لاءِ به وڏي سڪ سان ٿو وڃي ته به ايتري قدر اعتدال ڪان ٻاهر وڃڻ جو سر به هليو وڃي، سو اسلام جي تعليم ڪان ٻاهر آهي. توهان چوندؤ ته هن جو ڏوهه ڪهڙو؟ هو سڪ جهلي نه سگهيو. اها ڳالھ ٺيڪ آهي. سندس ڏوه برابر ڪونهي پر سندس جهل جو ڏوه ته آهي. ڪيس علم ۽ عقل هجي ها ۽ اسلام جي تعليم جي خبر هجي ها ته سمجهي ها ته سچي سڪ آهي رسول الله ﷺ جي پيروي ڪرڻ آهي پاڻ ﷺ جن فرمايو آهي ته جيڪي چڱا عمل ڪندا پوءِ ڪٿي به هجن سي مرڻ بعد مون سان ائين گڏ هوندا جيئن منهنجون آڱريون هڪ ٻئي کي ويجهيون آهن.

اٺون الزام هي لڳايو ٿو وڃي ته وهابي لفظ ”يا رسول الله“ سان ندائي غئب ڪرڻ کي حرام ٿا سمجهن. اسانکي لفظن سان ته ڪم ڪونهي پر انهن جي مفهوم سان ڪم آهي. التحيات ۾ به يا ايهالرسول چئجي ٿو. ڪن لکيو آهي ته التحيات ۾ پلي چئجي مگر هونئن نه چئجي. اهڙيون فتوائون اگوڻن عالمن جون به لکيون اٿن. منهنجو خيال آهي ته جيڪڏهن اسلام جو علم سچ پچ ماڻهن کي هجي ته پوءِ يا رسول الله چوڻ ۾ حرڪت ئي ڪونهي پر علم نه هئڻ ڪري لفظ مان گهٽا ماڻهو اهڙي معنيٰ وٺي ٿا ڪڍن جو رسول الله ﷺ کي هر جا حاضر ناظر ۽ سڏ ٻڌندڙ ۽ مجيب الدعوات ٿا سمجهن. مگر اهي صفتون خاص الله تعاليٰ جي لاءِ آهن.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

نائون الزام هي آهي تہ وهابي چون ٿا تہ الله تعاليٰ کان سواءِ ڪنهن کي بہ تعظيم ڏيڻي نہ آهي. تعظيم ٻي ڳالھ آهي ۽ عبادت ٻي ڳالھ آهي. تعظيم والدين کي، استاد کي، نيڪن ۽ بزرگن ۽ عالمن وغيره کي بہ ڏيڻي آهي. خود نجدي بہ پنهنجي بادشاه کي تعظيم ڏيندا هوندا ۽ حجر اسود کي چمي ڏيندا هوندا. حديث شريف ۾ آهي تہ، اڪرموا اولاد ڪم- پنهنجي اولاد کي عزت ڏيو. قرآن شريف ۾ آهي، وَ مَنْ يُّعَظِّمْ شَعَآئِرَ اللهِ فَاِنَّهَا مِنْ تَقْوَى الْقُلُوْب- يعني جيڪو الله تعاليٰ جي نشانين جي تعظيم ٿو ڪري تہ پوءِ اها تعظيم تقويٰ ۽ پرهيزگاري آهي. پر هن آيت جو مطلب آهي تہ جيڪي سچ پچ الله تعاليٰ جون نشانيون آهن انهن جي تعظيم ڪجي نہ انهن جي جيڪي انسانن خلفاء راشدين بعد ٺاهيون يا رواج ۾ آنديون. مثلا شعائر الله مون قبن جي معنيٰ نہ وٺجي. الله تعاليٰ ۽ رسول مقبول ﷺ ڪونہ سيڪاريو تہ قبا ٺاهيو ۽ انهن جي تعظيم ڪيو. قبا خلفاء راشدين کان پوءِ ٺهڻ ۾ آيا ۽ قبن بہ نسبت اڳئي مان ڪجھ لکيو آهي. وڌيڪ لکڻ جو ضرور ڪونهي.

ڏهون الزام وهابين تي هي آهي تہ هو نٿا مڃن تہ ڪو اهل مماتي وارا ٻڌي سگهن ٿا. مون پڙهيو آهي تہ خود بي بي عائشہ رضي الله عنها تنهن بہ ائين فرمايو آهي. تنهن هوندي بہ مان پانيان ٿو تہ گهڻن اصحابن جي راءِ آهي تہ مئا ٻڌن ٿا. مگر اصحاب سڳورا اهڙن مسئلن کي ڪجھ وزن نہ ڏيندا هئا. مگر پوءِ اهڙو زمانو آيو جو سوين مسئلہ پيدا ٿي پيا. مثلن قدر و جبر جو مسئلو ۽ اُهو مسلئو تہ قرآن شريف قديم آهي يا احادث وغيره وغيره. انهن تي ايترو تہ زور ڏنو ويو جو وڏا وڏا امام ننڍڙن اختلافن سببان فسق ۽ ڪفر جون فتوائون ڏيڻ لڳا. مگر امام اعظم سڳوري بار بار اعلان ڪيو تہ ڪو بہ اهل قبلہ ڪافر ناهي سڀ ڪو اهل قبلہ مسلمان آهي. اڄوڪي زماني ۾ خسيس مسئلن تي گهڻو زور ڏنو وڃي ٿو. اُهي مسئلا جيڪڏهن قرآن شريف يا حديث مان چڱي طرح ثابت ٿي سگهن تہ جيڪر اختلاف چو هجي. وهابي شايد نہ ٿا مڃن تہ اهل مماتي وارن کي شعور يا ادراڪ آهي. يعني هو نٿا چاهن ۽ سمجهن تہ دنيا ۾ چا چا ٿو هلي ۽ هو دنيائي امورن ۾ ڪو دخل ڏيئي نٿا سگهن نڪو مدد ڪري ٿا سگهن. مڪيہ سوال اهو آهي تہ هنن کان مدد گهرجي يا نہ تنهن بہ نسبت مان اڳئي گهڻو ڪجھ لکيو آهي وڌيڪ لکڻ مناسب نہ ٿو لڳي.

ٻيا بہ گهٽائي الزام وهابين تي لڳايا ٿا وڃن. مان اڳئي لکيو آهي تہ مان وهابين جا ڪتاب ڪونہ پڙهيا آهن. خبر ناهي تہ اُهي سچا آهن يا نہ. جيڪڏهن سچا آهن تہ خبر نہ آهي قطعي انڪار ٿا ڪن يا ڪي شرط اُنهن سان لاڳو ٿا ڪن. جيڪڏهن قطعي انڪار ٿا ڪن تہ خبر ناهي تہ پنهنجي خيالن جي تائيد ۾ ڪهڙا عقلي ۽ نقلي دليل پيش ٿا ڪن. اگرچ مونکي اهو علم هجي تہ بہ مان ضعف ڪم علم ڪيئن قطعي فيصلو ڏيئي سگهندس. ايام گذري ويا آهن تہ وڏا وڏا عالم بہ فيصلہ ڪري نہ سگهيا آهن ۽ مخالفن کي وسهائي نہ سگهيا آهن.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

فقط هڪڙي ڳالهه ڏسجي ٿي ته وهابين جو زور گهڻو ڪري اُنهن عملن تي ڏسجي ٿو جن مان قوم جي ترقيءَ جو امڪان آهي. هو اها به دعويٰ ٿا ڪن ته اسان ڪتاب الله ۽ سنت رسول الله تي عمل ڪندڙ آهيون. هنن جا خيال ۽ سمجهه ڪيترو به غلط هجن پر مان ائين ڪو نه ٿو سمجهان ته هو اها دعويٰ منافقي طور ٿا ڪن. جيڪڏهن هو سچ پچ ڪتاب الله ۽ سنت رسول الله تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندڙ آهن پر انهن جي سمجهڻ ۾ غلطيون ٿا ڪن ته چئبو ته منجهن اخلاص نه آهي. اخلاص هڪ نهايت ضروري ۽ اعليٰ گڻ آهي. رڳو اخلاص سببان ڪنهن کي به منافق سڏڻ بلڪل نا روا آهي. وهابين ۽ غير مقلدن کي اڪثر ڪري منافق، رهزن، غارتگر وغيره وغيره سڏيو ٿو وڃي اُن مان قوم جي ترقي ته ڪا نه ٿيندي اٿلندو بگاڙو ٿيندو.

مون وهابين جي بيان ۾ گهڻا پنا ڪارا ڪيا آهن سندن بيان مان منهنجو مقصد طرفداري ناهي. مان سندن وڪيل ڪو نه آهيان. نڪا سندن پگهار ٿو کڻان. مان اهو سڀ بيان هيٺين ڳالهين ڏيکارڻ لاءِ ڏنو آهي.

(1) وهابي يا غير مقلد بدعتن ۽ شرڪ جي بدرسمن ڪڍڻ تي ايترو جوش ۾ اچي ٿا وڃن جو حد کان ٻاهر نڪري ٿا وڃن ۽ سخت بلڪ غلط الفاظ ۽ خيال به ڪم ٿا آڻين.

(2) ساڳيءَ طرح غير وهابي يا مقلد به وهابين يا غير مقلدن جي مخالفت ۾ ايتري قدر حد کان ٻاهر ٿا وڃن جو بدعتن ۽ شرڪ جي بدرسمن جي پاڙ پٽڻ بدران انهن جي تائيد ٿا ڪن.

(3) ڪو به فرقو نڪي غلطين کان خالي آهي نڪي چڱاين کان خالي آهي.

(4) سڀ ڪنهن مسئلي کي ٻه پهلو آهن. ٻنهي طرفان دليل ڏيئي ٿا سگهجن. پر ضديت ڇڏي ڪري سچائي سان حق کي پروڙڻ جي ڪوشش ڪجي ته الله تعاليٰ حق جي راه تي آڻيندو. اڪثر ڪري جن مسئلن بہ نسبت اختلاف آهي سي ٻن قسمن جا آهن. هڪڙا بلڪل فروعي يا خسيس يا بيسود آهن. اُنهن تي مغز نه کپائجي. ٻيا اُهي آهن جن تي عملن ۽ ترقي جو مدار آهي اُنهن به نسبت رسول الله ﷺ ۽ اصحابن سڳورن جو فعل سند ڪري ونجي ۽ اُنهن جي پيروي ڪجي.

(5) تعصب ۽ بدگوئي ڇڏي ڪجي. ٻين جي عيب جوئي ڪرڻ بدران پنهنجي قوم جي اصلاح تي سڄي طاقت صرف ڪرڻ گهرجي.

## تبليغ

اسان جا پير صاحب فخر سان چوندا آهن ته اسان خدا جي خلق کي فيض وينا رسايون، ۽ واعظي مولوي به خوش هوندا ته اسان امر با المعروف ۽ نهي عن المنڪر ڪري ماڻهن کي اسلام ڏي سڏڻ ۾ ڪين ٿا گهٽايون.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

رواجي پير صاحبن جا افعال مان هت بيان ڪيان ته هڪ ڪتاب ٺهي وڃي ۽ اسان مسلمانن کي شرم کان ڪنڌ هيٺ ڪرڻو پوي ۽ غير مسلمان اسان تي ٽوڪون ڪن ۽ کلن ته واه توهان جا رهبر! سو اهڙن پيرن جو بيان ڪرڻ اجايو آهي، جو ته سندن ڪرتوت عالم آشڪار آهن. اسان هت انهن پيرن لاءِ ٿا لکون جيڪي ڪجهه چڱيرا آهن. مهرباني ڪري ڪو ٻڌائي سگهندو ته انهن پيرن ڪيتري قدر دنيا کي فيض رسايو آهي. خصوصن هيٺيون احوال گهرجي:

1) پير صاحب جو نالو ۽ سندس علمي لياقت.
2) ڪيترا غير مسلمان سندس ڪوشش سان اسلام تي آيا؟
3) مسلمانن مان ڪيترن عام مسلمانن يا سندن مريدن سندس ڪوشش سان علم شروع ڪيو يا پنهنجي اولاد پٽن خواه نياڻين کي پڙهڻ وهاريو؟
4) ڪيترن زانين زنا ڇڏي؟
5) ڪيترن نشو ڪندڙن نشو قطعي ڪيو؟
6) ڪيترن چوري ڪندڙن چوري قطعي ڪئي؟
7) ڪيترن زميندارن، مريدن، چورن جي سنگت ۽ رشوت وٺڻ يا ڏيڻ ترڪ ڪئي؟
8) ڪيترن جوارين جوا کان توبهه ڪئي؟
9) ڪيترن بي نمازين ۽ بي روزائتن نماز ۽ روزي کي استقلال سان قائم ڪيو؟
10) ڪيترا ظالم ۽ جهڳڙائي ظلم ۽ فساد کان باز آيا؟
11) ڪيترن مريدن جو نالو لسٽ تان لاٿو ويو جن سندن فرمان موجب بد اخلاقيون نه ڇڏيون يا چڱا حڪم علم وغيره بابت عمل ۾ آندا؟
12) ڪيترا پيرا پير صاحب اعلان ڪيو ته جنهن جو ڪو به حق منهنجي ڪنهن مريد ڏي رهيل هجي ته اهو مون وٽ اچي ته مان ڪيس وٺي ڏيان ته متان منهنجو پيارو مريد قيامت جي ڏينهن بازپرسي هيٺ اچي؟
13) پير صاحب ڪيترا مڪتب ۽ مدرسه کولايا ۽ انهن ڪيتري ترقي ڪئي؟
14) پير صاحب ڪيتريون انجمنون قائم ڪيون ۽ زڪوات جو ڪهڙو انتظام رکيو جن مان قوم جي بهتري جا ڪم ڪيا ويا؟
15) پير صاحب ڪيترا مسلمان تجارت تي آماده ڪيا؟
16) ڪهڙيون بدعتون، بدرسمون ۽ توهمات پنهنجي مريدن مان ڪديائين؟
17) مريدن ۾ خاص طرح ڪهڙو روح ڦوڪيائين ۽ ڪهڙا خاص اخلاق يا گڻ پيدا ڪيائين؟
18) ڪيترا اسلامي ڪتب خانه قائم ڪيا ويا؟ وغيره.

جيڪي مولوي صاحب واعظ ڪن ٿا تن کان به ساڳيا سوال پڇي سگهجن ٿا، جن جي جوابن مان خبر پوندي ته سندن وعظ جو نتيجو ڪيترو نڪتو آهي. ٿوري


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ پاڳي پائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

وقت ڪان وٺي ڪي مولوي چڱيرا وعظ ڪرڻ سکيا آهن، مگر اجان سودو رواجي عالمن جو وعظ اهڙو آهي جو اسلام سيکارڻ بدران گمراهي تا سيکارين ۽ ترقي جي بدران تباهي تا آڻين. مان فقط ٻه مثال پيش ٿو ڪريان.

هڪڙي ڏينهن ڪنهن مسجد ۾ جمع نماز پڙهڻ ويس. ٻن وڏن عالمن جي حاضريءَ ۾ ٽئين عالم وعظ شروع ڪيو. قرآن شريف کولي هڪ آيت پڙهيائين بلڪ آيت جو ڪو ڀاڱو پڙهيائين. ان جي معنيٰ تمام مختصر ٻڌايائين پر مون ڪي نه سمجھ ۾ ڪانه آئي. ڏسڻ ۾ ته ائين آيو ته رڳو رسم پوري ڪرڻ لاءِ قرآن شريف کولي آيت پڙهيائين نه ته سندس ڏيان ان آيت ڏي بلڪل ڪو نه هو. هڪ ئي منٽ ۾ ان آيت کي ڦٽي ڪري ڪي قصا شروع ڪيائين جن جو ان آيت سان ڪو به تعلق ڏسڻ ۾ ڪو نه آيو. ٽي قصا بيان ڪيائين. ٽن مان هڪ وسري ويو اٿم باقي ٻه ناظرين جي خدمت ۾ عرض رکان ٿو:-

1 - هڪ زاهد شخص بليشا نالي جهنگل ۾ اڪيلو ويهي عبادت ڪرڻ لڳو. شيطان ان کي برغلائي نه سگهيو. پنهنجي زبردست شيطانن جي ميٽنگ سڏيائين. انهن مان هڪڙي عرض ڪيو ته مان ڪيس برغلائيندس. هو زاهد ٻڍي بليشا وٽ ويو ۽ السلام عليڪم ڪيائين. بليشا کي ته اڪيلائي ڪپندي هئي سو فقط سلام جو جواب ورائي وري نماز ۾ مشغول رهيو. شيطان به نماز ۾ لڳي ويو. جڏهن بليشا ڏٺو ته هو نماز ۾ آهي تڏهن پهر ڪن جو نفل نيتيائين ته شيطان وري اٺ ڏينهن جو نفل جوٽيو. زاهد چئن پهرن جو نفل شروع ڪيو ته شيطان وري اٺن پهرن جو. زاهد اٺن پهرن جو ته شيطان سڄي هفتي جو. اتي زاهد سمجهيو ته هي شخص ڪو وڏو بزرگ آهي. مون کي ڪانئس منهن موڙڻ نه گهرجي. سو پاڻ ۾ هم صحبت ٿي الله تعاليٰ جي عبادت ۾ مصروف رهيا. ائين ڇهه مهينا گذري ويا. پوءِ شيطان موڪلائڻ لڳو ۽ چيائنس ته مان تو کي هڪ وظيفو سيکاري ٿو وڃان جنهن جي پڙهڻ سان ڪوڙه جي مريض جو ڪوڙه ڇڏي ويندو. زاهد چيو ته جيڪڏهن مان اهڙو ڪم آڻيندس ته مون وٽ ماڻهن جو هجوم ٿيندو ۽ منهنجي عبادت ۾ خلل پوندو. شيطان چيس ته خدا جي خلق کي فائدو رسائڻ به ته وڏو ثواب آهي. ائين چئي ڪيس وظيفو ڏسي ويندو رهيو. واٽ تي ڪنهن شخص کي پڙهي ڪوڙهيو ڪري ڏس ڏنائيس ته ڦلاڻي زاهد وٽ وڃ ته اتان تو کي شفا حاصل ٿيندي. هن ائين ڪيو ۽ ڪيس شفا حاصل ٿي. پوءِ هڪ امير زاديءَ سان ساڳي حالت ڪري سندس ٻن ڀائرن کي اهو ئي ڏس ڏنائين. هنن ائين ڪيو ۽ امير زاديءَ کي تندرستي حاصل ٿي. مگر هن کي وري ڪوڙه ٿيو. وري به بليشا وٽ وٺي ويس وري به چڱي ڀلي ٿي پئي. پر شيطان جي حرڪت سان ٽئين ڀيري به ڪوڙه ٿيس. پوءِ شيطان انهن ڀائرن کي چيو ته پنهنجي ڀيڻ کي 6 مهينا انهيءَ زاهد وٽ ڇڏي اچو. هو زاهد وٽ ڇڏي آيس. اتي شيطان وقت بوقت امير زاديءَ جي ٻانهن يا پيٽ يا ڄنگهه اگهاڙي ڪري وٺندو هو ۽ زاهد جي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

متس نظر پوندي هئي. آخر زاهد گمراهه ٿيو ۽ مائي کي حمل ٿي ويو. شيطان زاهد کي صلاح ڏني ته مائيءَ کي ماري پوري ڇڏ ۽ ڀائرن کي چئجانءِ ته مان هميشه عبادت ۾ مشغول آهيان هوءَ خبر ناهي ته ڪڏهن هلي وئي. ويچارا ڀائر موٽي آيا. وري شيطان وڃي انهن ڀائرن کي چيو ته توهان جي ڀيڻ کي ماري حجري ۾ پوري ڇڏيو اٿس. ڀائر ڪوٺائي ڏسن ته برابر. زاهد کي وٺي وڃي ڦاسيءَ تي لٽڪايائون وغيره. مولوي صاحب اهو قصو ٻڌائي فرمايو ته ادا ڏسو ته بليشا جهڙي زاهد کي به شيطان ڀلائي وڌو سو اسان ڇا آهيون.

هي قصو ڪوڙو آهي تنهن ۾ ته شڪ ئي ڪونهي پر عجب جي ڳالهه هي آهي ته منجهس نصحيت جي بدران گمراهي آهي. هڪ ته جهنگ ۾ اڪيلو ويهي عبادت ڪرڻ اسلام جي خلاف آهي ٻيو ته وظيفن ۾ اهڙي حڪمت رکيل بلڪل ڪانهي. ٽيون ته جيڪو نتيجو آخر ۾ مولوي صاحب ڪڍيو سو مايوس ڪندڙ آهي ۽ ڏيکاري ٿو ته انسان کي ڪجهه به ڪوشش ڪرڻ نه گهرجي ڇو ته شيطان ڪنهن به صورت ۾ اسان کي گمراهه ڪري تباهه ڪندو پوءِ ڪوشش ڪيون ٿوڙي نه ڪيون. تنهن ڪري ڇو نه جيئن جيءُ چاهي تيئن ڪيون. ڇا جو خدا ڇا جي قيامت؟

2 - حضرت جبرئيل هر روز ابليس کي پٺيءَ واري مڪ هڻندو هو. جڏهن وما ارسلناڪ الا رحمت للعالمين واري آيت نازل ٿي تڏهن ابليس چيس ته هاڻي اڳتي مڪ نه هڻ ڇو ته رسول خدا سيني لاءِ رحمت ٿي آيو آهي پوءِ مون تي زحمت ڇو ٿي ٿئي. الله تعاليٰ جبريل کي فرمايو ته ڇڏي ڏينس. سو ادا جڏهن خود شيطان تان به سزا معاف ٿي وئي ته پوءِ اسان ڇو نه ڇٽنداسين. هي قصو به ڪوڙو آهي ۽ ان ۾ به نصحيت جي بدران گمراهي آهي ڇو ته جيڪڏهن فقط ان آيت جي نازل ٿيڻ ڪري اسان سيئي مسلمان خواه غير مسلمان ڇٽاسين ته پوءِ خدا ۽ قيامت جو خوف ڇا جو. ڇا جي نماز ڇا جو روزو ڇو نه جيئن وڻي تيئن ڪيون. گناهه ڪيون ته ڇا جي چڱا عمل ڪيون ته ڇا.

جيڪي مولوي صاحب وينا هئا تن پوءِ هٿ کڻي اکيون ٻوٽي چپن ۾ دعا گهري. سڄي مجلس خوش ٿي هلي وئي ته ڏاڍو چڱو وعظ ٻڌوسين. فقط مون هڪڙي ننر تي اثر ڪو نه پيو. پر دل ۾ سا دل ۾ ماٺ ڪيو هليو ويس. منهنجي ڪهڙي مجال جو اتي ڪجي سگهان ها. هو وڏا عالم مان هڪ جاهل. طوطي جو آواز نقار خاني ۾ ڪير ٿو ٻڌي.

هڪڙي وڏي عالم وعظ پي ڪيو. وعظ استغفر الله پڙهڻ جي ثواب ۽ برڪت بابت هو. پاڻ فرمايائين ته جيڪو شخص هر جمعي ڏينهن استغفار پڙهندو تنهن جا گذريل هفتي جا سڀ صغيرا گناهه جهڙوڪ ڪنهن عورت ڪان ڇمي وٺڻ معاف ٿي ويندا. ڪنهن جاهل ڪڙميءَ واڪو ڪري چيو ته مولوي صاحب توهان ته اسان کي هٿ



سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

وني ٿا گناهہ ڪرايو. جيڪڏهن رڳو استغفار پڙهڻ سان گناهہ معاف ٿي ويندا تہ اڳتي سڄو هفتو صغيرا گناهہ ڪري جمعي جي ڏينهن استغفار پڙهنداسين. استغفار پڙهڻ ۾ اسان کي ڪهڙي تڪليف؟ مولوي صاحب فرمايو تہ ڏسين نہ ٿو تہ مان ڪهڙي ڪتاب مان ٿو ٻڌايان. منهنجي ابي ڏاڏي جو تهيل ڪتاب ڪونهي. انهيءَ جواب کان پوءِ ماٺ ٿي ويئي پر مان نہ ٿو ڀانيان تہ ڪنهن کي بہ تسلي ٿي هوندي. مونکي تہ تسلي بلڪل ڪانہ ٿي پر مون بہ ڪونہ ڪڇيو.

اڪثر مولوي ڪوڙا قصا ۽ ڪوڙيون روايتون ۽ ڪوڙا معجزا ۽ ڪوڙيون ڪرامتون يا دليلن جا ڪوڙا قصا بيان ڪندا آهن. ڪي وري دردناڪ قصو ٻڌائي ڪوڙي اڄنگار ڏيئي ساده لوح ماڻهن کي رئاري وجهندا آهن. هڪڙي مولوي جو پيرسن آهي ۽ مريد ڪندڙ آهي تنهن هڪڙو قصو ٻڌايو تہ فلاڻو بزرگ پنهنجي ڪن مريدن سان واٽ وٺيو پي ويو. ڪا عورت اچي پرسان لنگهي. بزرگ صاحب ان ڪان چمي ورتي. مريدن مان هڪڙي سندس پيروي ڪئي. پوءِ ڳوٺ ۾ هڪڙي لوهار جي دڪان تي ويا. بزرگ صاحب تتل ڳاڙهي لوهہ کي چمي ڏيئي ان مريد کي چيو تہ هاڻي ڪر هت بہ پيروي. مريد هٽي بيهي رهيو. سو ادا ڪو بزرگ يا ولي ڪو خراب ڪم ڪندڙ ڏسو تہ ان ۾ گمان نہ آڻيو چو تہ هو جيڪي ڪن ٿا تنهن ۾ ڪا حڪمت رکيل آهي. منهنجي خيال ۾ تہ هيئن ٿو اچي تہ مڪريل درويشن ۽ پيرن اهي قصا هن لاءِ ٺاهيا آهن تہ اسان جا مريد اسان جا ڪي بد افعال ڏسن تہ اسان مون خوش اعتقادي نہ ڪڍن ۽ اسان هنن مان آسانيءَ سان پنهنجا مطلب ڪيندا رهون.

هڪڙي مولوي صاحب سان گفتگو ڪندي ڪيس چيم تہ مولوي صاحب! توهان عالم آهيو مدرسو بہ اٿو ۽ قرآن شريف ۽ پارسي ۽ عربي بہ ٿا پاڙهيو پر مسلمان پائرن کي نڪا هدايت ٿا ڪيو نڪو اسلام ٿا سيکاريو. حيران ٿي چيائين تہ چا قرآن شريف پڙهڻ کان ڪا وڌيڪ هدايت بہ آهي؟ مان چيو تہ قرآن شريف بي معنيٰ ٿا پاڙهيو. چيائين تہ ڪٿي حڪم ڪيل آهي تہ قرآن شريف با معنيٰ پڙهائجي. مون چيو تہ مان سون آيتن ۽ سون حديثن ۽ سون دليلن سان ثابت ڪري ڏيکاريندس تہ قرآن شريف ضرور با معنيٰ پاڙهڻو آهي. سورت بقر جي 14 رڪوع جي آخر ۾ هي الفاظ آيل آهن يتلوه حق تلاوتہ ابن عباس ۽ ابن جرير ان جي معنيٰ هي ٿا ڪن تہ ان تي اهڙو عمل ڪجي جهڙو ڪرڻ گهرجي. جڏهن قرآن شريف جي معنيٰ سمجهبي تڏهن تہ ان تي عمل ڪبو. جنهن صورت ۾ سيني کي عربي پاڙهي نٿا سگهو تنهن صورت ۾ پنهنجي مادري زبان ۾ ماڻهن کي اسلام جا عقائد ۽ احڪام ٻڌايو. ان وقت سندس هڪ شاگرد جنهن کي ڏاڙهي اچي ويئي هئي ۽ مڪتب مان قرآن شريف پڙهي نڪتو هو سو موجود هو. پڇيو مانس تہ مسلمان ڇاکي چئجي ۽ جيڪڏهن تو وٽ ڪو غير مسلمان اچي ۽ پڇي تہ اسلام ڇا آهي ۽ مان ڪهڙا ويساهہ رکان جيڪڏهن مسلمان


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ٿيان، تہ پوءِ ڪيس ڇا چوندين؟ چيائين تہ جيڪو ڪلمو پڙھندو سو مسلمان ٿيو. مون چيو تہ ائين نہ آھي رڳو ڪلمو پڙھڻ سان مسلمان ٿي ڪين سگھبو. ڪلمي جي معنيٰ سمجھي ان تي دل سان ويساھ آڻجي تڏھن مسلمان ٿي سگھبو. پوءِ مولوي صاحب کي چيم تہ ھن توھان جي شاگرد کي ڪلمي شريف جي معنيٰ جي بہ خبر ڪانھي پر ٻيا ڪھڙا اسلام جا عقيدا ۽ احڪام سکيا اٿس. چيائين تہ ڪجھ بہ نہ. مون چيو تہ توھان صاحبن جو فرض آھي تہ پھريائين تہ ڪلمي شريف جي معنيٰ ۽ مطلب سمجھايو، پوءِ ٻيا عقايد ۽ احڪام سيکاريو. مولوي صاحب پوءِ قبول ڪيو تہ برابر اسان ان ڪم ۾ قاصر آھيون. ٻئي ڏينھن وري گفتگو نڪتي تہ غير مسلمانن کي اسلام تي آڻڻ لاءِ ڪجھ ڪونہ ٿو ڪيو وڃي.

مولوي صاحب نڪ جواب ڏنو تہ پٽين کي گھٽو ئي ٿا چئون تہ مسلمان ٿيو پر نٿا ٿين. اسان ڇا ڪيون. مون چيو تہ ائين تہ ھرڪو جاھل بہ ڪين چئي ٿو سگھي. ان چوڻ مان ڇا ٿيندو؟ عالمن جو فرض آھي ڪين اسلام جي سچائي ثابت ڪري ڏيکارڻ. چيائين تہ سائين ائين تہ اسان بہ ڪونہ ٿا ڪري سگھون باقي پنھنجي حڪومت ھجي يا زور ھجي تہ پوءِ تلوار ڪڍي انھن انڌن کي چئون تہ ٿيو مسلمان نہ تہ سر ڌڙ کان ڌار ٿو ڪيانوَ. مان چيو تہ مولوي صاحب جبر سان توھان مولوي پاڻ اسلام کي ڪوڙو مذھب ثابت ڪري ٿا ڏيکاريو. دنيا جا سڀ غير مسلمان فقط ھن ھڪڙي ئي عمل جي ڪري اسلام کي ڪوڙو ٿا سمجھن. ڪو بہ مسلمان خواہ غير مسلمان جنھن کي فقط ھڪ داڻو بہ فھم جو آھي سو بہ يقين سان چئي سگھندو تہ جو مذھب اھڙو عقيدو ٿو سيکاري سو ھرگز سچو ناھي. افسوس آھي جو اسان جي گھڻن مولوي صاحبن کي ذرو بہ فھم ڪونھي. ھو نہ رڳو اھو اھڙو غلط عقيدو ٿا رکن پر ٻيا بہ سو غلط عقيدا ٿا رکن جن جي ڪري نہ رڳو غير مسلمانن کي اسلام کان نفرت آھي، پر خود مسلمانن مان بہ لکين اسلام کان بيزار آھن. اگرچہ ڪي انھن مان کليو کلايو بيزاري ظاھر نٿا ڪن ۽ منافقي طور پاڻ کي مسلمان سڏائيندا ٿا رھن.

مولوي صاحب جي اھا حالت آھي جو مسلمانن کي رڳو ڪلمي شريف جي معنيٰ بہ نٿا سمجھائين ۽ غير مسلمانن کي اسلام تي آڻڻ لاءِ اسلام جي سچائي تہ ثابت نٿا ڪري سگھن پر اٿلندو اسلام کي ڪوڙو ثابت ڪري ٿا ڏيکارين.

قرآن شريف ۽ حديثن ۾ حڪم آھي تہ امربالمعروف ۽ نھي عن المنڪر ڪيو يعني ماڻھن کي اسلام سيکاريو ۽ ڪين چڱن ڪمن جو حڪم ڪيو ۽ گناھن کان روڪيو. انھيءَ فرض ادائي ڪرڻ لاءِ عالمن تي فرض آھي تہ قرآن شريف ۽ صحيح حديثن جو اڀياس چڱي طرح ۽ فھم سان ڪن ۽ اوائلي تفسير ۽ سچي اسلامي تاريخ پڙھن. پھريائين پاڻ عمل ڪن ۽ پوءِ ٻين کي ھدايت ڪن. قرآن شريف ۾ فرمايل آھي "قل لا اسئلڪم عليہ من اجر" يعني (اي نبي ﷺ) چؤ (ماڻھن کي) تہ مان انھيءَ لاءِ


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

(يعني اسلام سيکارڻ لاءِ) اوهان ڪان ڪو اجر ڪونہ ٿو گهران. ساڳيءَ طرح ٻين آيتن ۾ خواه ٻين پيغمبرن سڳورن جي قصن ۾ ساڳيا الفاظ ڪم آندل آهن. گويا پيغمبرن جي سچائي جو مکيہ ثبوت اها ڳالهہ آهي. تنهن ڪري وعظ ۽ هدايت ڪندڙ پيرن ۽ مولوين کي بہ گهرجي تہ بنا اجوري ۽ بنا طمعي فقط الله ڪارڻ ۽ دل جي صداقت ۽ جوش ۽ قومي درد ڪان اهو ڪم هٿ ۾ ڪٽن نہ تہ سندن وعظ ۽ هدايت جو اثر ئي ڪونہ ٿيندو.

وعظ ۽ هدايت ڪرڻ ۽ قرآن شريف ۽ صحيح حديثون ٻڌائڻ گهرجن ۽ جيڪي هدايتون ڏجن تن بابت دنيائي روزمره جي زندگي مان مثال ڏيئي سمجهائي تہ ڏسو تہ انهن هدايتن تي عمل ڪرڻ ۾ ڪيترو اسان جو فائدو آهي ۽ نہ عمل ڪرڻ ۾ ڪيتريون مصيبتون اسان تي اچي ٿيون ڪڙڪن. مگر پهريائين ڪلمي شريف جي معنيٰ سمجهائجي ۽ علم پڙهڻ جي تحريص ۽ ترغيب ڏيارجي. ايتري قدر تحريص ڏيارجي جو ماڻهو پاڻ بہ علم پڙهڻ کي وٺي وڃن ۽ پنهنجي اولاد، پٽن خواه نياڻين کي اسڪولن ۽ مڪتبن ۾ موڪلي ڏين. ڪلمون شريف سمجهڻ ۽ علم پڙهڻ اهي ڳالهيون بنياد آهن. وڏو زور انهن تي ڏجي، پوءِ ٻيون اسلامي ڳالهيون سيکارجن. خصوصن اخلاق سڌارڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. زنا، چوري، نشو، گاريون، جهيڙا، فساد، پرائو حق ڪائڻ، ڪوڙ، ٺڳي، انجام پيڇڻ، سستي، اسراف، قرض ڪڻڻ وغيره نہ انهن گناهن ڪان روڪجي ۽ سچ ۽ محنت ۽ تجارت ۽ همدردي ۽ احسان ڪرڻ جي تعليم ڏجي. پرم ۽ سنسا ۽ بدرسمون ڪيئي ڇڏڻ گهرجن. اسلامي ڪتب خانا ۽ اسڪول کولائجن. انجمنون قائم ڪجن. وغيره وغيره.

ارمان اهو آهي تہ جيڪڏهن ڪي مولوي صاحب ڪٺي قرآن شريف ۽ حديثن مان ڪجهہ ٻڌائين ٿا تہ اهي آيتون ۽ حديثون چوندين ٿا جن کي مروڙي سروڙي اهڙيون معنائون ڪيئي سگهن ٿا ۽ ڪين ٿا جن تي عمل ڪرڻ سان ترقيءَ جي بدران تباهي پيدا ٿئي. انهيءَ ڪري مان قرآن شريف مان ڪي اهڙيون آيتون پيش ٿو ڪيان جن جو گهٽو ڪري تاويل ٿي ڪين سگهندو ۽ جن جي معنيٰ بلڪل صاف آهي. اهڙيءَ طرح ڪي حديثون بہ چونديل پيش ٿو ڪيان ۽ انهن چونديل آيتن ۽ حديثن پيش ڪرڻ جو مقصد اهو آهي تہ اسان جي مولوين ۾ نئين قسم جو شوق پيدا ٿئي ۽ آئينده اهڙي قسم جي آيتن ۽ حديثن مان وعظ ۽ نصحيت ڪن. منهنجو ننڍڙو ڪتاب احاديث نبوي ۽ ٻيا ڪتاب پڻ نئين جذبي پيدا ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن. اجا بہ بهتر ائين ٿيندو تہ مولوي صاحب مهرباني ڪري مولانا حاليءَ جو مسدس جيڪو اڙدوءَ ۾ آهي ۽ قاضي سليمان جو رحمت للعالمين جيڪو پڻ اڙدو ۾ آهي اهي ٻئي ڪتاب ضرور پڙهن. اهي عام مقبول ڪتاب آهن ۽ انهن ڪتابن تي ڪنهن بہ فرقي، ڪنهن بہ قسم جو اعتراض ڪونہ اٿاريو آهي.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

## قرآن مجيد جي ڪن آيتن جو ترجمو

”اي ايمان وارو! الله تعاليٰ جي مقرر ڪيل فرض جي بجا آوري اهڙي خبرداري سان ڪيو جهڙي الله تعاليٰ جي لاءِ شايان شان آهي ۽ نه مرو تيستائين جيستائين مسلمان نه ٿيا آهيو. الله تعاليٰ جي رسي يا عهد کي سڀ گڏجي سوگهو جهليو ۽ جدا نه ٿيو، الله تعالي جون جيڪي نعمتون اوهان تي ٿيل آهن سي ياد ڪيو ته جو، اڳي اوهان هڪ ٻئي جا دشمن هئا پوءِ الله تعاليٰ اوهان جون دليون ڳنڍي ڇڏيون ۽ اوهان سندس ٻلائي سان ڀائر ٿي پيا ۽ اوهان باهه جي کڏ جي ڪَپَ تي هئا پوءِ الله تعاليٰ اوهان کي ان کان بچائي ورتو.“

”اوهان منجهون هڪڙي ٽولي اهڙي هجي جيڪي چڱائي جي دعوت ڪن، يعني چڱائي ڪرڻ جي واٽ ڏسين ۽ حق جي واٽ تي هلڻ ۽ چڱن عملن جو حڪم ڪن ۽ خراب ڪمن ۽ گناهن ڪان روڪين. اهي ئي فلاحي پائيندا يعني دين دنيا جي بهتري حاصل ڪندا.“

”الله تعاليٰ جي تابعداري ۽ فرمانبرداري ڪيو ۽ پڻ رسول ﷺ جي اطاعت ڪيو ته توهان تي رحم ڪيو وڃي. ۽ تڪڙو ڊوڙو پنهنجي رب جي مغفرت ڏي ۽ انهيءَ جنت ڏي جنهن جي ويڪر آسمانن ۽ زمين جيڏي آهي ۽ جيڪا متقي شخص لاءِ تيار ٿيل آهي. انهن لاءِ جي آسودگيءَ ۾ خواه سچائي ۾ خدا جي راهه ۾ خرچ ٿا ڪن، جي پنهنجي ڪاوڙ کي دٻائين ٿا ۽ ماڻهن کي معاف ٿا ڪن. ۽ الله تعاليٰ انهن سان حب تو رکي جيڪي ماڻهن تي احسان ٿا ڪن.“

”هيٺا نه ٿيو نڪي غم ڪيو. جيڪڏهن توهان مومن آهيو ته توهان غالب پوندؤ ۽ ڪامياب ٿيندؤ ۽ بلند درجا حاصل ڪندؤ.“

”هي ڪتاب جيڪو اسان نازل ڪيو آهي، برڪت وارو ڪتاب آهي. تنهن ڪري ان تي عمل ڪيو ۽ پرهيزگار ٿيو ته اوهان تي رحم ڪيو وڃي.“

”يقينن توهان جي لاءِ رسول الله ﷺ بهترين مثال ۽ نمونو آهي (يعني پرهيزگاري جو اهڙو عمدو مثال آهي جو ان جي پيروي ڪريو ۽ ان جي نقش قدم تي هلو) ان لاءِ عمدو نمونو ۽ مثال آهي جو الله تعاليٰ ۽ آخرت ۾ اميدون تو رکي ۽ الله تعاليٰ کي گهڻو ياد تو ڪري.“

”الله تعاليٰ حڪم ڪيو آهي ته ڪائنس سواءِ ڪنهن جي به عبادت نه ڪريو ۽ ماءُ پيءُ سان چڱايون ڪيو. جيڪڏهن انهن مان هڪڙو يا ٻئي پنهنجي حياتي ۾ پوڙها ٿين ته انهن کي رڳو اُف به نه چؤ ۽ ساڻن چڱا ۽ وڻندڙ ۽ تعظيم وارا الفاظ ڳالهاءِ ۽ انهن جي اڳيان رحمدليءَ سان نرم ۽ نماڻو ۽ فرمانبردار ٿيءُ ۽ چؤ ته اي منهنجا رب! هنن تي رحم ڪر جو هنن مون کي نپايو جڏهن مان ننڍڙو ٻالڪ هوس.“


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

”مائٽن کي (صدقا) ڏي جيئن هنن جو حق آهي ۽ پڻ گهرج وارن مسڪينن کي ۽ مسافرن کي ۽ اجايا خرچ نہ ڪر. تحقيق اجايا خرچ ڪندڙ شيطانن جا يائر آهن ۽ شيطان پنهنجي رب جو بي شڪر آهي ۽ جيڪڏهن تون انهن کان (يعني گهر وارن کان) منهن موڙي (يعني انهن کي ڏيڻ لاءِ ڪجهہ بہ نہ هجيئي) پنهنجي رب جي رحمت جي طلب لاءِ نڪرين جنهن رحمت جي اميد ٿو رکين تہ پوءِ انهن سان نرميءَ جا لفظ ڳالهاءِ ۽ پنهنجي هٿ کي پنهنجي ڳچيءَ سان جڪڙي نہ ڇڏ (يعني ڪنجوس نہ ٿيءُ) ۽ نہ وري هٿ کي تمام ڊگهو ڪري ڇڏ (يعني هٿ ڦاڙ بہ نہ ٿي) جو پوءِ تنگ حال ٿي ويهي رهين“

”زنا کي رڳو ويجها بہ نہ وڃو تحقيق اهو سخت فاحش ڪم آهي ۽ گندو رستو آهي. يتيم جي مال کي ويجهو بہ نہ لنگهو مگر ان کي سنڀالڻ ۽ وڌائڻ لاءِ جيستائين هو بالغ ٿئي ۽ وعدا ۽ عهد پورا ڪيو. تحقيق وعدن ۽ عهدن بابت پڇاڻو ٿيندو. ۽ پوري ماپ ڀريو جڏهن ماپ ڪريو ۽ سچي تارازي سان تور ڪريو. هي چڱو آهي ۽ پڇاڙي ان جي چڱي آهي يعني آخر ان مان ئي نفعو ٿو ٿئي ۽ زمين تي آڪڙ ڪري نہ گهم ڇو تہ تون زمين کي ڦاري ڪونہ سگهندين نڪي جبلن جيڏو ٿي پوندين.“

”چؤ منهنجي ٻانهن کي تہ سٺا لفظ ڳالهائين (نہ تہ) شيطان انهن جي وچ ۾ جهيڙن جو ٻج ٿو پوکي ۽ تحقيق شيطان انسان جو کليو کلايو دشمن آهي.“

”ڪوڙن تي الله تعاليٰ جي لعنت آهي.“

”اي الله سائين! منهنجو علم وڌاءِ. جنهن کي حڪمت ۽ عقل ڏنو ويو آهي تنهن کي گهڻي چڱائي ڏني ويئي آهي. تحقيق جيڪي ايمان ٿا آڻين ۽ چڱا عمل ٿا ڪن انهن جي دل ۾ رحمان حب پيدا ٿو ڪري (الله تعاليٰ ۽ سندس خلق لاءِ حب).“

”تحقيق مؤمن ڀائر آهن پوءِ (تنهنڪري) پنهنجي ڀائرن جي وچ ۾ صلح ڪرايو ۽ الله تعاليٰ جا حڪم خبرداريءَ سان بجا آڻيو تہ توهان تي رحم ڪيو وڃي.“

”اي مومنو! اهڙن ماڻهن کي ٻين ماڻهن تي کلڻ نہ گهرجي. ممڪن آهي تہ اهي هنن کان بهتر هجن. ۽ نہ عورتن کي ٻين عورتن تي کلڻ گهرجي جو ممڪن آهي تہ اهي هنن کان بهتر هجن. ۽ پنهنجن ماڻهن جي عيب جو ئي نہ ڪريو نڪي هڪ ٻئي تي چڙ جا نالا رکو. ايمان آڻڻ کان پوءِ خراب نالو رکڻ ڏاڍي گندي ڳالهہ آهي پوءِ جيڪو نٿو مڙي اهوئي ظالم آهي.“

”اي مومنو! گهڻن گمانن کان پرهيز ڪريو تحقيق ڪي گمان گناهہ آهن. ۽ جاسوسي نہ ڪريو يعني لڪي ڇپي يا ڳجهہ ڳوهہ ۾ ٻين جون ڳالهيون نہ ٻڌو نڪي سندن احوال جانچ ڪيو نڪي هڪ ٻئي جي پرپٺ گلا ڪيو. ڇا توهان مان ڪوئي بہ پسند ڪري ٿو تہ پنهنجي مئل ڀاءُ جو گوشت کائي؟ پر توهان کي تہ ان کان نفرت آهي. خدا کان ڊڃي سندس حڪم بجا آڻيو. تحقيق الله تعاليٰ موٽندڙ ۽ رحيم آهي.“


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

”اي انسانو مون اوهان کي هڪ نر ۽ ماديءَ مان پيدا ڪيو ۽ اوهان کي قومن ۽ قبيلن ۽ ذاتين ۾ ورهايم، انهيءَ لاءِ ته هڪ ٻئي کي سڃاڻو. تحقيق الله تعاليٰ وٽ اوهان مان وڌيڪ عزت وارو اهو آهي جيڪو تقويٰ ۾ اوهان سڀني کان وڌيڪ آهي. تحقيق الله تعاليٰ ڄاڻندڙ ۽ خبر رکندڙ آهي.“

”اعرابي چون ٿا ته اسان ايمان آندو آهي. انهن کي چؤ ته اوهان ايمان ڪونه آندو آهي. پر چئو ته اسان تسليم ڪيون يا اسلامي حڪمن جي فرمانبرداري ٿا ڪريون ۽ اوهان جي دلين ۾ اڃا ايمان نه گهڙيو آهي ۽ جيڪڏهن الله ۽ سندس رسول ﷺ جي اطاعت ڪيو ته الله تعاليٰ توهان جي (نيڪ) عملن مان ذرو به نه گهٽائيندو. تحقيق الله تعاليٰ غفور ۽ رحيم آهي.“

”مومن فقط اهي آهن جيڪي الله تعاليٰ ۽ سندس رسول ﷺ ۾ ايمان ٿا آڻين، پوءِ شڪ نٿا آڻين، ۽ الله تعاليٰ جي راهه ۾ پنهنجي ملڪيتن ۽ جانين سان سخت ڪوشش ٿا ڪن، سچا اهي آهن.“

”توهان تيستائين نيڪيءَ کي نٿا پهچو جيستائين انهن شين کي خدا جي راهه ۾ نٿا ڏيو جن شين کي توهان حب ٿا ڪيو.“

”نيڪي انهيءَ ۾ ناهي ته اوڀر ۽ اولهه ڏي منهن ڪيو. پر نيڪ اهي آهن جيڪي الله تعاليٰ ۽ آخرت ۽ ملائڪن ۽ قرآن شريف ۽ نبين ۾ ايمان ٿا آڻين ۽ الله تعاليٰ جي حب کان مائٽن، يتيمن، مسڪينن، مسافرن، سائلن، جنگ ۾ گرفتار ٿيل ٻانهن کي آزاد ڪرائڻ لاءِ پنهنجو مال ڏين ٿا، ۽ نماز قائم ڪن ٿا ۽ زڪوات ادا ڪن ٿا، ۽ پنهنجو عهد پاڙين ٿا جڏهن هو ڪو عهد ڪن ٿا، ۽ مشڪلات ۽ مصيبتن ۽ جنگ جي وقت ۾ صبر ڪندڙ آهن. اهي ئي سچا آهن ۽ اهي ئي متقي آهن.“

”الله تعاليٰ جو اهو ارادو ناهي ته توهان تي تنگي ڪري يا تڪليف ڏئي. الله تعاليٰ جو ارادو ته هي آهي ته اوهان کي پاڪ ڪري ۽ اوهان تي پوريون پوريون نعمتون ڪري ته شڪر گذار ٿيو.“

”انسان کي اوترو ئي ملي ٿو جيتري قدر هو ڪوشش ڪري ٿو.“

الله تعاليٰ اوهان جي واسطي اوهان جي ئي جنسن مان زالون پيدا ڪيون ته توهان تسڪين حاصل ڪيو ۽ زال مڙس جي وچ ۾ الله تعاليٰ پيار ۽ محبت وڌي.
(سورة الروم:21)

عورتن جا مڙسن تي اهڙائي حق آهن جهڙا مڙسن کي عورتن تي آهن ۽ مردن کي انهن تي درجو آهي. (سورة البقره:228)

پوءِ اهي ماڻهو مُلڪن ۾ ڪونه ٿا گهمن ڦرن ڇا جو عبرت وٺن؟ هن کي دل ۽ دماغ هجي ته جيڪر سمجهن، هنن کي ڪن هجن ته جيڪر ٻڌن. (سورة الحج:26)


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

## ڪن حديثن جو ترجمو

علم جي طلب سڀ ڪنهن مرد توڙي عورت تي فرض آهي.

مان انهيءَ لاءِ نبي ڪري موڪليو ويو آهيان ته اخلاقي خوبين کي ڪماليت وٺايان.

سڀني کان چڱو انسان اهو آهي جيڪي ٻين انسانن کي سڀني کان وڌيڪ فائدو پهچائي.

جو شخص ٻين تي رحم نه ٿو ڪري، تنهن تي الله تعاليٰ به رحم نه ٿو ڪري.

جو شخص پنهنجي ڪنهن ڀاءُ جو حق ٿو کائي سو الله تعاليٰ جي هيڪڙائي ۾ ايمان رکندڙ ناهي.

رسول الله ﷺ جن ڪنواري ڇوڪري کان به وڌيڪ لڄارا هئا. پاڻ فرمائيندا هئا ته لڄ ايمان جو ڀاڱو آهي. جنهن کي لڄ ناهي تنهن کي ايمان به ڪونهي.

جيڪو چڱو ڪم ڪرين تنهن ۾ توکي خوشي ٿئي ۽ جيڪو خراب ڪم ڪرين تنهن تي تو کي افسوس ٿئي تڏهن سمجهه ته تون سچو مومن آهين.

مسلمان اهو آهي جنهن جي زبان ۽ هٿ کان مسلمان بچيل هجن.

اي بندا! تون الله تعاليٰ سان محبت رکين ٿو؟ پهريائين ذات انسان سان محبت رک.

جرير بن عبدالله کان روايت آهي ته مون رسول الله ﷺ وٽ عرض ڪيو ته مان اسلام تي بيعت ٿو ڪيان. پاڻ مون کان مسلمان ٿي رهڻ ۽ هر مسلمان جي خير خواهي ڪرڻ جو شرط ورتائون.

رسول الله ﷺ جن دشمنن تي به رحم ڪندا هئا. مثلن ثمامر بن ثلال نجد کان مڪي شريف وڃڻ وارو ان بند ڪري ڇڏيو. هن ڪري جو مڪي شريف جا ماڻهو ان وقت آنحضرت ﷺ جن جا دشمن هئا. آنحضرت ڪيس ائين ڪرڻ کان منع فرمائي.

احد جي جنگ ۾ حضرت جن جا ڏند مبارڪ شهيد ڪيا ويا ۽ ڪين سخت اذيت پهچائي ويئي. ڪن صحابن عرض ڪيو ته ڪافرن کي پاراتو ڏيو. پاڻ فرمايائون ته مان لعنت ڪرڻ واسطي نبي ڪونه ڪيو ويو آهيان. الله تعاليٰ مون کي موڪليو آهي ته ماڻهن کي سندس بارگاه ڏي سڏيان ۽ مون کي رحمت ڪري موڪليو اٿس. پوءِ هي دعا فرمايائون ته اي خدا منهنجي قوم کي هدايت ڪر هو مون کي نه ٿا ڄاڻن.

چار خصلتون جيڪي جنهن شخص ۾ موجود آهن سو منافق آهي. جيڪڏهن انهن مان هڪ اٿس ته نفاق جي هڪ علامت منجهس آهي. 1- ڳالهائي ته ڪوڙ ڳالهائي 2- واعدو ڪري ته وفا نه ڪري 3- عهد ڪري ته پورو نه ڪري 4- جهيڙو ڪري ته فاحش بڪ ڪري. اهو شخص ان وقت مومن ئي ناهي جنهن وقت چوري ٿو ڪري يا زنا ٿو ڪري يا شراب ٿو پيئي يا امانت ۾ خيانت ٿو ڪري. خبردار! خبردار!

اي الله سائين! مون کي ڏک ۽ ڳڻتيءَ کان، عاجزي ۽ سستيءَ کان، ڪنجوسائپ ۽ بزدليءَ کان ۽ قرض جي غلبي ۽ ماڻهن جي قهر کان پناه ڏي.



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

تمام سھڻين ۾ چوندبلن حديثن معلوم ڪرڻ لاءِ منهنجو ننڍڙو سنڌي ڪتاب احاديث نبوي پڙهي ڏسو.

## تعصب

هيستائين جيڪي باب لکيا اٿم تن جي تائيد مولانا حاليءَ جي مسدس مان بلڪل سھڻا بند پيش ڪري سگهان ها. مگر ائين ڪرڻ سان مضمون جي سلسلي ۾ اٽڪ تي ٿئي. مگر هي باب مولانا مرحوم جي ڪن بندن سان شروع ٿو ڪيان.

ڏرايــا تعصــب ســي ان ڪــو يــہ ڪهــہ ڪــر
کـہ زنـــده رهـــا اور مـــرا جـــو اســـي پـــر
هـــوا وه همـــاري جماعـــت ســـي بـــاهر
وه ســـاتي همـــارا نـــہ هـــم اس ڪـــي يـــاور
نهـــين حـــق ســـي ڪـــچ اس محبـــت ڪـــو بهـــرا
ڪـہ جـــو تـــم ڪـــو انـــدا ڪـــري اور بهـــرا
تعصـــب ڪـــہ هـــي دشـــمن نـــوع انســـان
پـــري کهـــر ڪـئـي ســيڪڙون جـــس نـــي ويـــران
هـــوئي بـــزم نمـــرود جـــس ســـي پريشـــان
ڪيـــا جـــس نـــي فرعـــون ڪـــو نـــذر طوفـــان
گيـــا جـــوش مـــين بـــو لهـــب جـــس ڪـــي کويـــا
ابـــو جهـــل ڪـــا جـــس نـــي بيـــڙا ڏبويـــا
وه يـــان اڪ عجـــب پـــيس ۾ جلـــوه گـــر هـــي
چپـــا جســـڪي پـــردي مـــين اس ڪـــا ضـــرر هـــي
پـــرا زهـــر جـــس جـــام مـــين ســـر بســـر هـــي
وه آب بقـــا هـــم ڪـــو آتـــا نظـــر هـــي
تعصـــب ڪـــو اڪ جـــزو ديـــن ســـمجهي هـــين هـــم
جهـــنم ڪـــو خلـــد بـــرين ســـمجهي هـــين هـــم
همـــين واعظـــون نـــي يـــہ تســـليم دي هـــي
ڪـہ جـــو ڪـــام دينـــي هـــي يـــا دنـــوي هـــي
مخـــالف ڪـــي ريـــس اس مـــين ڪرنـــي بـــري هـــي
نشـــان غيـــرت ديـــن حـــق ڪـــا يـــہ هـــي
مـــخالف ڪـــي التـــي هـــر اڪ بـــات ســـمجهو
وه دن ڪـــو ڪهـــي دن تـــو تـــم رات ســـمجهو
قـــدم گـــر راه راســـت پـــر اس ڪـــا پـــاؤ



سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

تــو تــم ســيڌي ســي ڪتراڪــي جــائو
پـــڙين اس مـــين جـــو دقتـــين وه اتـــائو
لڳـــين جســـقدر تـــوڪرين اس مـــين ڪـــائو
جــو نڪلــي جهــاز اس ڪــا بــچ ڪــر ڀنــور ســي
تـــو تـــم ڈالـــدو و نـــائو انـــدر ڀنـــور ڪـــي
اگـــر مســـخ هـــو جـــائي صـــورت تمهـــاري
ڀـــائم ۾ ملجـــائي ســـيرت تمهـــاري
بـــدل جـــائي بالڪـــل طبيعـــت تمهـــاري
ســـرا ســـر بگـــڙ جـــائي حالـــت تمهـــاري
تـو سـمجهو ڪـہ هـي حـق ڪـي اڪ شـان يـہ ڀـي
هـــي اڪ جلـــوه نـــور ايمـــان يـــہ ڀـــي
نـــہ اوضـــاع ۾ تـــم ســـي نســـبت ڪســـي ڪـــو
نـــہ اخـــلاق ۾ تـــم پـــہ ســـبقت ڪســـي ڪـــو
نـــہ حاصـــل يـــہ ڪـــانون مـــين لـــذت ڪســـي ڪـــو
نـــہ پيـــدا يـــہ پـــوش مـــين زينـــت ڪســـي ڪـــو
تمهـــين فضـــل هـــو علـــم مـــين بـــر مـــلا هـــي
تمهـــاري جهالـــت مـــين ڀـــي اڪ ادا هـــي
ڪـــوئي چيـــز ســـمجهو نـــہ اپنـــي بـــري تـــم
رهـــو بـــات ڪـــو اپنـــي ڪرتـــي بـــڙي تـــم
حمايـــت مـــين هـــو جبڪـــہ اســـلام ڪـــي تـــم
تـــو هـــو هـــر بـــدي اور گنـــہ ســـي بـــري تـــم
بـــدي ســـي نهـــين مومنـــون ڪـــو مفـــرت
تمهـــاري گنـــہ اور اورونڪـــي طاعـــت
مخـــالف ڪـــا اپنـــي اگـــر نـــام ليجـــي
تـو ذڪـر اسـڪا ذلـت سـي خـواري سـي ڪيجـي
ڪيـــي پـــولڪر طـــرح اس مـــين نـــہ ديجـــي
قيامـــت ڪـــو ديڪـــو گي اس ڪـــي نتيجـــي
گنـــاهون ســـي هـــوتي هـــو گويـــا مبـــرا
مخـــالف پـــر ڪرتـــي هـــو جـــب تـــم تبـــرا
ســـني ۾ اور جعفـــري ۾ هـــو الفـــت
نـــہ نعمـــاني و شـــافعي ۾ هـــو ملـــت
وهـــابي ســـي صـــوفي ڪـــي ڪـــم هـــو نـــہ نفـــرت


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

مقلـــد کـــري نـــا مقلـــد پـــہ لعنـــت
رهـــي اهـــل قبلـــہ ۾ جنـــگ ايســـي بـــاهم
کـــہ ديـــن خـــدا پـــر هنســـي ســـارا عـــالم
کـــري کـــوئي اصـــلاح کـــا گـــر اراده
تـــو شـــيطان ســـي اس کـــو ســـمجهو زيـــاده
جســـي ايســـي مفســـد ســـي هـــي اســـتفاده
ره حـــق ســـي هـــي بـــر طـــرف اس کـــا جـــاده
شـــريعت کـــو کرتـــي هـــين بربـــاد دونـــون
هـــين مـــردود شـــاگرد و اســـتاد دونـــون
وه ديـــن جـــس نـــي الفـــت کـــي بنيـــاد ڊالـــي
کيـــا طبـــع دوران کـــو نفـــرت ســـي خـــالي
بنايـــا اجانـــب کـــو جـــس نـــي مـــوالي
هـــر اک قـــوم کـــي دل ســـي نفـــرت نکـــالي
عـــرب اور حـــبش تـــرک و تاجيـــک و ويلـــم
هـــوئي ســـاري شـــيرو شـــکر ملکـــي بـــاهم
تعصـــب نـــي اس صـــاف چشـــمہ کـــو آکـــر
کيـــا بعـــض کـــي خـــارو خـــس ســـي مکـــدر
بنـــي خصـــم جـــو تـــي عزيـــز اور بـــرادر
نفـــاق اهـــل قبلـــہ ۾ قـــيلا سراســـر
نهـــين دســـتياب ايســـي اب دو مســـلمان
کـــہ کـــو ايـــک هـــو ديککـــر ايـــک شـــادان
همـــارا يـــہ حـــق تـــا کـــہ ســـپ يـــار هـــوتي
مصـــيبتون ۾ يـــارونکي غمخـــوار هـــوتي
ســـپ ايـــک اک کـــي بـــاهم مـــددگار هـــوتي
عزيـــزون کـــي غـــم ۾ دل افگـــار هـــوتي
جـــب الفـــت ۾ يـــون هـــوتي ثابـــت قـــدم هـــم
تـــو کهـــہ ســـکتي اپنـــي کـــو خيـــر الامـــم
اگـــر يـــولتي هـــم نـــہ قـــول پيغمبـــر
کـــہ هـــين ســـپ مســـلمان بـــاهم بـــرادر
بـــرادر هـــي جـــب تـــک بـــرادر کـــا يـــاور
معـــين اس کـــا خـــود هـــي خداونـــد داور
تـــو آتـــي نـــہ بيـــڙي پـــہ اپنـــي تبـــاهي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

فقيـــري ۾ يـــي كرتـــي هـــم بادشـــاهي
بڑهـــي جـــس ســـي نفـــرت وه تحريـــر كرنـــي
جگـــر جـــس ســـي شـــق هـــون وه تقريـــر كرنـــي
گنهگـــار بنـــدون كـــي تحقيـــر كرنـــي
مســـلمان يـــائي كـــي تكفيـــر كرنـــي
يـــہ هـــي عـــالمون كـــا همـــاري طريقـــہ
يـــہ هـــي هـــاديون كـــا همـــاري ســـليقہ
كـــوئي مســـئلہ پـــو چنـــي ان ســـي جـــائي
تـــو گـــردن پـــہ بـــار گـــران لـــي كـــي آئـــي
اگـــر بدنصـــيبي ســـي شـــك اس ۾ لائـــي
تـــو قطعـــي خطـــاب اهـــل دوزخ كـــا پـــائي
اگـــر اعتـــراض اســـكي نكـــلا زبـــان ســـي
تـــو آنـــا ســـلامت هـــي دشـــوار وان ســـي
كيـــي وه گلـــي كـــي رگـــين هـــين قلاتـــي
كيـــي جهـــاگ پـــر جهـــاگ هـــين منـــہ پـــہ لاتـــي
كيـــي خـــوك اور ســـك هـــين اســـكو بنـــاتي
كيـــي مـــارني كـــو عصـــا هـــين اتـــائي
ســـتون چـــشم بـــددور هـــين آپ ديـــن كـــي
نمونـــہ هـــين خلـــق رســـول امـــين كـــي
جـــو چـــاهي كـــہ خـــوش انســـي مـــل كـــر هـــو انســـان
تـــو هـــي شـــرط وه قـــوم كـــا هـــو مســـلمان
نشـــان ســـجده كـــا هـــو جبـــين پـــر نمايـــان
تشـــرع ۾ اس كـــي نـــہ هـــو كـــوئي نقصـــان
لبـــين بـــڑه رهـــي هـــون نـــہ ڈاڑهـــي چڑهـــي هـــو
ازار اپنـــي حـــد ســـي نـــہ آگـــي بڑهـــي هـــو
عقايـــد ۾ حضـــرت كـــا هـــم داســـتان هـــو
هـــر اك اصـــل ۾ فـــرع ۾ هـــم زبـــان هـــو
حريفـــون ســـي ان كـــي بهـــت بـــد گمان هـــو
مريـــدون كـــا انكـــي بـــڑا مـــدح خـــوان هـــو
اگـــر ايســـا نهـــين هـــي تـــہ مـــردود ديـــن هـــي
بزرگـــون ســـي ملنـــي كـــي قابـــل نهـــين هـــي

اسان جي سنڌ ملڪ ۾ جيڪو تعصب ۽ تنگ خيالي آهي تنهن جي خبر


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

جيڪڏهن مولانا حالي ڪي هجي ها ته خبر ناهي ته سندس قلم ۾ شاعري ڪم ڏيئي سگهن ها يا نه. رواجي ماڻهو ڇڏي اسان جا ايڊيٽر ڏسو ۽ سندن اخبارن جا ڪالم ڏسو. اڪثر اخبارن ۾ گاريون، بدالفاظ ۽ شخصي جملا ڏسو. جيڪڏهن ڪو ايڊيٽر يا خاطو ڪهڙي به مسئلي ۾ ڪنهن سان مخالف ٿو ٿئي ته اهڙيءَ طرح ٿو ڪري جو ڄڻ ته ڪيس گاريون مليون آهن يا سندس جاگير ڪسجي ويئي آهي، تنهنڪري آپي کان ٻاهر نڪري ويو آهي. هي حال ايڊيٽرن جا آهن جيڪي قوم جا رهبر آهن ۽ قومي لٽريچر جا مصلح آهن. جيڪڏهن ڪنهن شخص ۾ ڪو ذاتي غرض آهي يا ان سان ذاتي تعلق آهي يا ڪن ڳالهين ۾ ان سان اتفاق آهي ته ان کي پڏائي پڏائي آسمان تي پهچايو وڃي ٿو اگرچه هو بيڪار ۽ بدڪار هجي. پر جيڪڏهن ڪنهن سان ٿوري عداوت يا مخالفت آهي ته ان کي شيطان جي برابر سمجهيو وڃي ٿو اگرچه هو هڪ خدا جو نيڪ بندو هجي. جيڪڏهن ڪنهن ڪتاب تي تنقيد ڪئي وڃي ٿي ته يا ته ان کي ڪامل مڪمل سمجهيو وڃي ٿو يا سراسر غلط ۽ شيطاني خيالن سان ڀرپور سمجهيو وڃي ٿو.

در حقيقت انسان ڪهڙو به جاهل هجي ته به منجائنس ڪي صحيح خيال به صادر ٿين ٿا ۽ ڪهڙو به بدمعاش هجي ته به منجهس ڪي نه ڪي خوبيون ضرور هونديون. ساڳي طرح ڪهڙو به عالي دماغ انسان هجي ته به غلطين کان خالي هرگز ٿي ڪين ٿو سگهي ۽ ڪهڙو به متقي هجي ته به ڪو نه ڪو اوگڻ يا نقص منجهس ضرور هوندو.

ننڍو ٻار جڏهن طاقت ۾ ڪنهن وڏي سان نه پڄي سگهندو آهي ته گاريون ڏيڻ شروع ڪندو آهي. ساڳي طرح ڪو اڻڄاڻ عالم سوال جو جواب نه ڏيئي سگهندو آهي ته غصي کان بيتاب ٿي گهٽ وڌ ڳالهائيندو آهي ۽ وهابي ۽ منڪر جا خطاب ڏيندو آهي. ڪين خبر ناهي ته در حقيقت ڪاوڙ ڪرڻ هار جي نشاني آهي. جيڪو سچ پچ عالم هوندو تنهن کان ڪهڙا به سوال ڪيا ويندا ته خنده پيشانيءَ سان ۽ مرڪندڙ منهن سان مٺن ۽ وڻندڙ لفظن ۾ جواب ڏيندو ويندو، نه توهين ۽ ڪراهت جي نموني سان. توهين يا ڪراهت يا ڪاوڙ جو نتيجو اهو ٿو نڪري جو جيڪو به سمجهه وارو هوندو سو سمجهي ويندو ته مولوي صاحب اڻ ڄاڻ ۽ پوک آهي. بلڪ ائين سمجهيو ويندو ته مخالف جا خيال صحيح آهن. انهيءَ ڪري ترقيءَ جي بدران گمراهي پيدا ٿي ٿئي. هڪڙي خرابي اسان جي عالمن ۽ حڪيمن ۾ اها به آهي جو هو سيڪنهن مسئلي تي پنهنجي راءِ ڏيئي ڪيندا آهن اگرچه ڪين پڪ نه به هجي. اوائلي امام اگرچه زبردست عالم هئا ته به ڪيترن ئي سوالن جي جوابن ۾ فرمائيندا هئا ته خبر ناهي. اسان جا نيم خوانده عالم ۽ حڪيم ائين چو چون. هنن کي سڀ ڪجهه معلوم جو آهي.!

هڪڙي مولوي صاحب سان گفتگو پئي ڪيم جڏهن جواب ڏيئي نه سگهيو



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

تڏهن چيائين تہ تون پاڻ کي سمجهين ٿا تو جو تون مون سان بحث ٿو ڪرين. ڏاڙهي چو نندي ڪرائي اٿئي؟ مون چيو تہ مولوي صاحب ڏاڙهي نندي رکائڻ تہ ننڍڙو گناهہ آهي پر مان وڏا وڏا گناهہ ڪندڙ آهيان. منهنجي عملن ڏي نہ ڏسو. هي بحث منهنجي عملن بابت نہ آهي. جواب ڏنائين تہ هرگز نہ جڏهن تون شريعت تي هلندڙ ئي ناهين تہ توسان بحث ڪرڻو ئي ناهي. هي تہ هڪ رواجي مولوي هو پر هڪڙي پيري هڪ هوشيار مولوي صاحب سان ناسخ منسوخ جي مسئلہ بابت گفتگو هلي. جڏهن سوالن جا جواب ڏيئي نہ سگهيو تڏهن غصي ٿي چيائين تہ تون جڏهن عالم بہ ناهين تہ توکي بحث ڪرڻ جو حق ڪونهي. تون فقط مون کان پڇ ۽ جيڪو جواب مان ڏيان سو سچو سمجهہ. پر جيڪڏهن عالم آهين تہ مان ٿو توکان سوال پڇان تہ پوءِ خبر پئجي ويجي تہ ڪيتري قدر عالم آهين. مون چيو تہ مولوي صاحب مان جاهل تہ برابر آهيان پر جيستائين جواب تي تسليٰ نہ ايندي تيستائين هر هڪ جواب تي سوال ڪندو رهندس. چيائين تہ نہ اهي سوال ڪرڻ اعتراض جي قائم مقام آهي ۽ توکي اعتراض آڻڻ جو حق ئي ڪونهي. جڏهن چيائين تہ قرآن شريف ۾ صاف حڪم اچڻ جو ضرور ئي ڪونہ هو تہ فلاڻي آيت منسوخ آهي چو تہ ڪي آيتون ظاهر بظاهر هڪ ٻئي جي مخالف آهن. مثلن هڪڙي هنڌ آهي فاحشہ عورت کي بند رکو ۽ ٻئي هنڌ آهي تہ زاني عورت کي رجم ڪيو. مون چيو تہ مولوي صاحب هتي فاحشہ لفظ ڪم آندل آهي ۽ هتي زانيہ. پاڻ فرمايائين تہ فاحشہ جي معنيٰ زانيہ آهي. مون چيو تہ مولوي صاحب ائين ڪين هوندو. تنهن تي ڪاوڙجي فرمايائين تہ عربي ڄاڻندڙ مان ۽ تون جاهل، پوءِ بہ مون تي اعتبار نٿو ڪرين. دوران بحث ائين بہ چيائين تہ شاهہ ولي الله صاحب اهي پنج آيتون ڏنيون آهن جي سچ پچ منسوخ آهن ۽ انهن کان سواءِ ٻيون سڀ نا منسوخ آهن. مون عرض ڪيو تہ مهرباني ڪري اهي پنج آيتون ڪڍي موڪلجو. پاڻ مهرباني ڪري ڪڍي موڪليائين پر لطف اهو تہ انهن ۾ فاحشہ ۽ زانيہ واريون آيتون ڪونہ هيون. هاڻي چئبو تہ سندس خيال موجب شاهہ ولي الله صاحب بہ مون جهڙو جاهل هو جو فاحشہ لفظ جي معنيٰ نہ آيس. ساڳئي مولوي صاحب دوران بحث ۾ فرمايو تہ تون جيڪي مرزا خيال پيش ٿو ڪرين سي محمد علي جي قرآن مان آهن. محمد علي هڪ قادياني آهي ۽ مرزا غلام احمد قادياني جو چيلو آهي. مرزا غلام احمد قادياني هڪ بدمعاش شيطان هو جنهن نبوت جي دعويٰ ڪئي. تنهن ڪري سندس ۽ سندس چيلن جا خيال هرگز صحيح ٿي نٿا سگهن. مون عرض ڪيو تہ مولوي صاحب مان محمد علي ۽ مزار جو نالو ئي ڪونہ ورتو. بحث انهن بابت نہ آهي. توهان رڳو سوالن جا جواب ڏيو. چيائين تہ نہ. انهن خيالن جو اهو ڪافي رد آهي تہ اهي خيال مرزا غلام احمد شيطان جا آهن. مون وري عرض ڪيو تہ اگرچہ ڪو انسان شيطان ۽ جاهل هجي تہ بہ سندس زبان ۽ قلم کان ڪو اهڙو خيال بہ نڪري سگهي ٿو


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

جو صحيح هجي. چيائين ته نه هرگز نه. مون چيو ته جيڪڏهن مزار غلام احمد چوي ته خدا هڪ آهي ته پوءِ اسان کي چوڻ گهرجي چا ته خدا هڪ ناهي پر گهٽا آهن؟ ائين ته خلق ۾ گمراهي پيدا ٿيندي.

ٻيو نقص ڪن مولوي صاحبن جو هي آهي جو مخالف فرقي وارن سان تعلقات رکڻ يا ملڻ جلڻ ته پنهنجي ماڳ پر سندن منهن پوڻ ۽ ساڻن ڳالهائڻ کان سؤ ڪوه پري پيا ڀڄندا. ائين ڪرڻ سان ته اٿلندو غلط فهميون ۽ فرقا وڌندا. حق ائين آهي ته مخالف خيالن وارن کي پاڻ ڳولي لهجي ۽ سندن خيال معلوم ڪجن ۽ دل سان هنداڻجن ۽ تحقيقات ڪجي ۽ پوءِ ساڻن وٽندڙ نموني ۾ گفتگو ڪجي ته من حق ۽ باطل جي وچ ۾ تفاوت سمجهي حق کي قبول ڪري. نه رڳو مخالف فرقي وارن سان پر خود يهودين، عيسائين، هندن، ۽ مشرڪن وغيره سان به ملڻ جلڻ گهرجي ۽ انهن سان عزت سان پيش اچڻ گهرجي ۽ ساڻن وٽندڙ نموني سان گفتگو ڪجي. جيڪو ائين نٿو ڪري تنهن کي سمجهبو ته يا ته پنهنجي علم ۽ قابليت ۾ ڀروسو ڪونه هيس يا ته اسلام کي ڪوڙو ٿو سمجهي. ساڳيءَ طرح مخالفن جا ڪتاب پڙهجن انهيءَ لاءِ نه ته انهن کي هرويرو رد ڏجي پر انهيءَ لاءِ ته انهن ۾ ڪهڙيون ڳالهيون صحيح آهن ڪهڙيون غلط آهن. جيڪڏهن ڪنهن به ڪتاب کي سراسر غلط ٿو ڪوٺجي ته وڏيون خرابيون پيدا ٿي ٿيون پون. مثلن جيڪڏهن انهيءَ ۾ لکيل هجي ته علم پڙهڻ چڱو آهي ته پوءِ رواجي ماڻهو سمجهندا ته علم پڙهڻ خراب آهي ڇو ته فلاڻي مولوي صاحب فرمايو آهي ته اهو سڄو ڪتاب غلط آهي.

انصاف ته هيئن ٿو چوي ته جيڪڏهن ڪي انسان جاهل يا گنهگار، بدڪار، بي دين ۽ شيطان آهن ته اهي پاڻ سان ظلم ٿا ڪن ۽ اسان کي مٿن رحم اچڻ گهرجي ۽ حڪمت عملي سان ساڻن ملي هنن کي سڌارڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. هنن کي ڏوهه ڏيڻ بدران پاڻ کي ڏوهه ڏيڻ گهرجي ڇو ته اهو عالمن جو ئي قصور آهي جو تبليغ جو فرض پوريءَ طرح ادا نٿا ڪن. ڏسو ته رسول الله ﷺ پنهنجي سڄي زندگي تبليغ ۾ صرف ڪئي جنهن جو نتيجو اهو ٿيو جو ٿورن خود غرض ۽ هٺيلن قريش کان سواءِ سڀ جاهل عرب مسلمان ٿي پيا ۽ اصحاب سڳورا به جتي ويا اتي فوجن جون فوجون (عيسائي يهودي پارسي صابئي وغيره) مسلمان ٿينديون ويون. هن وقت جيڪڏهن غير مسلمان، مسلمان نٿا ٿين بلڪ خود مسلمان غير مسلمانن کان به وڌيڪ بيڪار ۽ بدڪار ٿي پيا آهن تنهن لاءِ انهن کي ڏوهه ڏيڻ نه گهرجي پر پاڻ کي ڏوهه ڏيڻ گهرجي. عالم سڳورا ٻين جي عيبن جانچڻ ۽ انهن کي ڏڪارڻ جي بدران پنهنجي گريبان ۾ نهارين، پنهنجا عمل جانچين ۽ پنهنجي علم ۽ قابليت ۽ اخلاقن ۽ فرض ادائيءَ جو اندازو ڪن ته پوءِ انشاءَ الله ڪين سڌاري جو شوق پيدا ٿيندو. عالم جيڪڏهن ٻين ماڻهن کان ڌهن ٿا ۽ گوشه نشيني اختيار ٿا ڪن ته انهيءَ جو سبب فقط هڪ ئي ٿي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

سگهي ٿو تہ هو پاڻ بيڪار آهن.

### فرقا ۽ اتفاق

جيڪڏهن اسان رسول الله ﷺ ۽ اصحابن سڳورن واري واٽ وٺڻ تي متفق ٿي وڃون ۽ نين ڳالهين ۽ نون مسئلن کي وزن نہ ڏيون تہ پوءِ اسان ۾ فرقا هجن ئي ڪونہ. فرقن جي پيدا ٿيڻ ڪري ۽ فرقن جي وچ ۾ وري تعصب ۽ عداوت ۽ فسادن ۽ جنگين ٿيڻ ڪري اسلامي دنيا تباه ٿي ويئي آهي. قرآن شريف ۾ الله تعاليٰ جو حڪم آهي تہ هڪ ٻئي کان جدا نہ ٿيو. اسان ٿوري ٿوري اختلاف سبب هڪ ٻئي کان جدا ٿي ٿا وڃون ۽ هڪ ٻئي جا گلا ٿا ڪاٽيون. اسان جو رسول ﷺ بہ هڪ، ڪتاب بہ هڪ، تنهن هوندي بہ اسان هڪ ٻئي کون جدا ٿي وڃون سا افسوس جي ڳالھ آهي. قرآن شريف ۾ اهو بہ اخلاقي حڪم آهي تہ هڪ ٻئي تي نالا نہ ڌريو. جيڪڏهن نالا نہ ڌريا وڃن ها تہ جيڪر فرقا ڪونہ هجن ۽ نڪا جدائي هجي ها. مان پنهنجي سر چاهيندو آهيان تہ جيڪڏهن مون کان ڪو پڇي تہ تون شيعو آهين يا سني، حنفي آهين يا شافعي ۽ وهابي آهين يا احمدي تہ مان چوندس تہ مان مسلمان آهيان. اهي مٿيان نالا قرآن شريف ۾ آهن ئي ڪونہ. فرقن بابت جا حديث ڏني ويندي آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو تہ اسلام ۾ 73 فرقا ٿيندا تنهن بابت مولانا شبلي لکي ٿو تہ هترادو نهيل آهي. مان وري بہ چوان ٿو تہ اسان جيڪڏهن خود ساختہ مسئلن کي وزن نہ ڏيون ۽ فقط رسول الله ﷺ ۽ اصحابن سڳورن جي قولن ۽ فعلن جي تحقيقات سچيءَ دل سان ڪيون ۽ قرآن شريف بابت اوائلي تفسيرن تي ڌيان ڏيون ۽ انهيءَ اصول کي سمجهون تہ اسلام چڱا اخلاق سيکارڻ ۽ ذات انسان جي بهتري ۽ ترقي لاءِ آيو تہ پوءِ فرقا بلڪل نابود ٿي ويندا. مان تہ ٻانيان ٿو تہ جيڪڏهن هڪ غير جانبدار يعني غير مسلمانن جي ڪاميٽي اٽڪل 7 ميمبرن جي مقرر ڪجي ۽ چئجي تہ توهان اسلام جو اڀياس ڪري ڏهن سالن اندر اسلام جي تعليم جي رپورٽ لکي پيش ڪيو ۽ جيڪي مکيہ اختلاف آهن تنهن تي پنهنجي راءِ ڏيو تہ مان اميد ٿو ڪريان تہ گهٽو ڪري اتفاق راءِ سان رپورٽ پيش ڪري سگهندا. اڄ ڪلھ اهڙا غير مسلمان گهٽائي آهن جن کي عربي زبان جي چڱي واقفيت ۽ اسلام جو گهٽي قدر علم آهي. ازان سواءِ هيئن بہ ڪري سگهجي ٿو تہ تمام وڏن عالمن مان بہ سني بہ شيعا بہ وهابي بہ قادياني گڏجي ٽي يا چار سال دوستاني نموني ويهي متفقہ رپورٽ تيار ڪن. جيڪي منجهن اختلاف ٿين ۽ پاڻ ۾ نهي نہ سگهن، تن بابت ٽن غير مسلمانن جي اڳيان پنهنجا خيال پيش ڪن پوءِ گڏجي هڪ رپورٽ تيار ڪن جنهن ۾ ڏيکارين تہ ڪهڙين ڳالهين تي اتفاق ٿي ويو، تن بابت غير مسلمانن ڪهڙو فيصلہ ڏنو ۽ مختلف ڌرين ڪهڙي پنهنجي پنهنجي لکيل رپورٽ پيش ڪئي. مان ٻانيان ٿو تہ جيڪڏهن اهو تحرڪ ورتو وڃي تہ اهڙي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڪاميٽيءَ لاءِ اهڙا ميمبر مقرر ڪجن جي سچي دل سان حق جا طالب ۽ اتفاق قائم ڪرڻ جي ڪوشش ونندا هجن ته پوءِ گهٽي قدر اتفاق قائم ٿي ويندو ۽ آئينده لاءِ هر سال زبردست عالمن جي ڪانفرنس ڪرڻ جو انتظام ڪيو ويندو.

بي ضروري ڳالهه هي آهي ته جيڪڏهن سڀ ماڻهو علم ڪي لڳي وڃن ۽ سڌيءَ طرح قرآن ۽ حديث جو علم حاصل ڪن ته به گهٽي قدر اختلاف هليا ويندا.

مان هاڻي ڪن فرقن بابت ٿورو ڪجهه لکڻ گهران ٿو. جيتري قدر مون ڪي علم آهي تنهن مان نتيجو اهو ئي ڪيان ته شيعن ۽ سنين جا فرقا ملڪي تڪرارن يعني خلافت جي سوال تي اختلاف هئڻ ڪري پيدا ٿيا. هڪڙو فرقو هميشه اها ڪوشش ڪندو رهيو ته خلافت بنو فاطمه وارن ڪي ملڻ گهرجي. انهي ڪري وقت جي خليفن بنو فاطمه وارن تي سخت ظلم ڪيا، جنهن ڪري پاڻ هنن لاءِ وڏيڪ همدردي پيدا ٿي. ٿي ڪجهه ڪين سگهيو پر نتيجو اهو ٿيو جو هڪڙو فرقو ٿهي پيو جن ملڪي سوالن ڪي مذهبي سوال ڪٽي بڻايو. چوندا آهن ته "مئا پَرُ پِٽجن هيلهه." هي به ساڳيو قصو آهي. خلافت پهريائين حضرت علي رضي الله عنه ڪي ملڻ ڪپندي هئي يا نه تنهن سوال جو فيصلو انهن مسلمانن ڪي ڪرڻو هو. هن وقت انهيءَ سوال ڪي چيڙڻ مان عملي فائدو ڪهڙو؟. انهيءَ زماني جي مسلمانن غلط فيصلا ڪيا يا صحيح ڪيا تنهن جو حساب الله تعاليٰ وٽ ڏنو هوندائون ۽ ڏيندا. اسان ڪي انهن سوالن جو فيصلو ڪرڻو آهي جيڪي هاڻي اسان ڪي درپيش آهن.

مگر جيئن زمانو گذرندو ويو تيئن ضد سببان هروڀرو به اختلاف پيدا ڪيا ويا. شيعا پهريائين ٽن خليفن بلڪ اهل بيتن کان سواءِ سيني اصحابن ڪي گهٽ وڌ ڳالهائڻ بلڪ منافق وغيره ڪوٺڻ ڪي ايمان جو جزو سمجهڻ لڳا. سني وري هن عقيدي تي ايمان جو جزو سمجهڻ لڳا ته سيني کان ڀلارو حضرت ابوبڪر صديق پوءِ حضرت عمر پوءِ حضرت عثمان ۽ پوءِ حضرت علي (رضي الله عنهم) هو. ازانسواءِ امير معاويه ۽ يزيد ۽ سندن اولاد جي طرفداري ۾ به حد کان ٻاهر لنگهي ويا اگرچه پوئين سوال سان نه هن وقت اسان جو ڪو تعلق؟ آهي تي ڪونه. فلاڻو ماڻهو جو تيرهن سو ورهيه اڳي گذاري ويو سو مسلمان هو يا نه، چڱو هو يا خراب تنهن جو اسان جي مذهب سان ڪهڙو تعلق. اسان جو مذهب آهي قرآن ۽ حديث. البت پهرين ٽن خليفن ۽ اصحابن سڳورن ڪي گهٽ وڌ چوڻ جو تعلق؟ اڻ سڌيءَ طرح سان وڏو اثر ٿو رکي. سڌيءَ طرح سان ته اسان جو واسطو انهن عقيدن ۽ احڪامن سان آهي جيڪي قرآن شريف ۽ رسول الله صلي الله عليه وسلم پنهنجن قولن ۽ فعلن جي وسيلي اسان جي رهنمائي ۽ تعميل لاءِ سيکاريا آهن. مگر قرآن شريف ۽ صحيح روايتون ڏيکارين ٿيون ته رسول الله صلي الله عليه وسلم اهڙي قوم پيدا ڪري ويا جنهن ڪي خير الامم سڏجي ٿو. شيعا جيڪڏهن سمجهن ٿا ته اصحاب منافق ۽ ڪوڙا هئا ته نه رڳو الله ۽ سندس رسول صلي الله عليه وسلم ڪوڙا ٿي ٿا پون، پر هي ڳالهه به



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ثابت ٿي ٿئي تہ رسول الله ﷺ جن پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ڪونہ ٿيا. يعني جاهل ۽ وحشي عربن ۾ سڌارو ڪونہ ڪري سگهيا. حالانڪ غير مسلمان بہ قبول ٿا ڪن تہ رسول ﷺ وحشين ڪي مهذب قوم بڻائي ويا. سچي ڳالهہ آهي تہ ڪن اڳوڻن پيغمبرن کي بہ پوري ڪاميابي حاصل نہ ٿي. انهيءَ ڪري ڪو هنن جو شان گهٽ نہ ٿيو. پر جن جن ماڻهن مٿن ايمان نہ آندو سي تباه ٿي ويا. ازان سواءِ هو آخري پيغمبر نہ هئا. آخري پيغمبر اهو ئي هئڻ گهرجي جو ڪامياب ٿئي ۽ سندس قوم سندس تعليمات کي عملي جامون پهرائي. ان جو نتيجو حاصل ڪري پوين لاءِ ڪافي مثال ثابت ٿئي. مون کي يقين آهي تہ جن شيعن صاحبن کي چڱو علم آهي سي اصحاب ثلاثہ کي گهٽ وڌ چوڻ بدران سندن تعريف ئي تعريف ڪن. مثلن آنربل سيد امير علي هڪ شيعو هو مگر اصحابن سڀني جي نهايت سچو ۽ اعليٰ اخلاق وارو ٿو سمجهي.

ٻي ڳالهہ ضروري هي آهي تہ قرآن شريف جي عبارت گهڻي قدر مجمل آهي. رسول الله ﷺ جا قول ۽ فعل ان جو تفسير آهن. تاهم اصحابن سڀني جا قول ۽ فعل موجود نہ هجن ها تہ اسان پوين جي لاءِ گهڻي قدر مونجهارو ٿئي ها. اهو ئي سبب آهي جو رسول الله ﷺ جن پاڻ فرمايو تہ منهنجا اصحاب هدايت جا ڏيئا آهن.

پر شيعا چون ٿا تہ حضرت علي رضي الله عنه ۽ ٻيا ٻارهن امام هدايت لاءِ ڪافي آهن. مون کي يقين آهي تہ حضرت علي، امام حسن، امام حسين، امام باقر ۽ امام جعفر صادق رضي الله عنهم نهايت اعليٰ درجي جي رهنمائي ڪري ويا آهن ۽ مون کي اهو بہ گمان آهي تہ سني صاحبن انهن جي تصنيفن مان اهو فيض نہ ورتو آهي جو وٺڻ گهربو هو (بلڪ هنن ٻين اصحابن سڀني جي واٽ بہ گهڻي قدر ڇڏي ڏني آهي جيئن هن ڪتاب ۾ ثابت ڪري ڏيکاريو اٿم) پر رڳو انهن جي رهنمائي ڪافي ناهي ڇو تہ انهن مان فقط حضرت علي رضي الله عنه کي خلافت ملي سا بہ تمام ٿورو وقت هلي ۽ اهو ٿورو وقت بہ جنگين ۽ انقلابن ۾ صرف ٿي ويو. مگر حضرت علي پهرين ٽن خليفن جي وقت ۾ هميشہ خلافت جي بارگاه ۾ حاضر رهندو هو. سڀ ڪم ڪار ۽ فيصلن ۾ سندس صلاح ۽ مشاورت ورتي ويندي هئي. ان وقت پاڻ ڪيس اسلام سمجهائڻ لاءِ ڪافي فرصت هوندي هئي. سندس خطبن وغيره مان اسان کي پورو پورو فيض وٺڻ گهرجي.

اتفاق سان شيعن صاحبن جي هڪڙي مجتهد سان مون کي ملڻ جو موقعو مليو. جيڪا گفتگو ڪيائين تنهن مون کي بلڪل حيران ڪري ڇڏيو. هن چيو تہ قرآن شريف سمجهائڻ جي طاقت فقط رسول ﷺ کي هئي. اهو لدني علم پاڻ صرف حضرت عليءَ کي ڏيئي ويا جو پنهنجو لعب مبارڪ حضرت عليءَ جي دهن مبارڪ ۾ وڌائون. پوءِ هر هڪ امام اهو علم ساڳيءَ طرح ٻئي کي ڏنو تان جو ڪل ٻارهن


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

امام ٿيا ۽ امامن جو سلسلو ختم ٿيو. مون پڇيو ته جيڪڏهن ٻارهن امامن کي قرآن شريف سيکارڻ ۽ سمجهائڻ جي طاقت هئي ته ٻارهن امامن کان پوءِ هيترين صدين ۾ ڪنهن قرآن شريف سمجهايو ۽ هاڻي ڪير سمجهائي. فرمايائين ته هاڻي ڪوئي ڪونهي. هي آزمايش جو زمانو آهي. هن جو مطلب اهو ٿيو ته ٻارهين امامم جي گذارڻ بعد مسلمانن کي قرآن شريف سمجهڻ جي نڪا طاقت آهي نڪو انکي پڙهڻ ۽ سمجهڻ جو حق اٿن. ٻارهين امام بعد اسان سڀ ۽ خود پاڻ متجهد صاحب گمراه آهيون. جيڪڏهن ائين آهي ته قرآن شريف، نماز، روزا ۽ ٻيا اسلامي عمل وغيره سڀ ڇڏي ڏيڻ گهرجن. (نعوذ بالله منها) الله تعاليٰ اهڙو بي انصاف ڪيئن ٿيندو جو جيڪڏهن قرآن شريف سان گڏ ڪنهن لدني علم واري امام جي ضرورت به هجي ته به اهڙو امام پيدا نه ڪري ۽ اسان کي گمراه ڪري هلاڪ ڪري ڇڏي. ها جيڪڏهن ائين چوي ها ته انهن ٻارهن امامن جون تصنيفون اسان جي لاءِ ڪافي رهنما آهن ته پوءِ ڪائنس پڇان ها ته مهرباني ڪري انهن جي تصنيفن جي لسٽ ڏيو. مان خوشيءَ سان اهي پڙهندس ۽ ڪو به سني انهن جي پڙهڻ ۽ انهن مان فيض وٺڻ کان انڪار ڪونه ڪندو. نه وري انهن امامن جي تعليمات ۽ ٻين امامن جي تعليمات ۾ ڪو تفاوت هوندو. جي هوندو ته بلڪل فروعي مسئلن ۾، جيئن خود سنين جي امامن جي وچ ۾ به فروعي اختلاف آهن.

ٻي حيرت جهڙي ڳالهه مجتهد صاحب اها فرمائي ته اصحاب سڳورا منافق هئا ۽ شروعات کان ئي انهيءَ خيال سان مسلمان ٿيا هئا جو ڪين عقل جي وسيلي پڪ ٿي ته ڪنهن ڏينهن حضرت جن بادشاهه ٿيندا ۽ پوءِ سندن وصال بعد اسان بادشاهي ڪنداسين. جيڪي قربانيون اسلام واسطي ڪيائون سي به انهيءَ خود غرضي جي نيت سان ڪيائون. الله اڪبر! هن مجتهد صاحب کي اها به خبر ڪانهي ته خلافت حاصل ڪرڻ بعد موجون ماڻيائون يا ٻيٽا بار گردن تي رکي آرام ڦٽائي تڪليفون سهي قوم جي خدمت ڪيائون. مون ڪائنس پڇو ته رسول الله ﷺ جن کي اها خبر ڪا نه هئي ته هو منافق آهن. پاڻ فرمايائين ته خبر هين. مون چيو ته پوءِ اهڙن منافقن کي ڇو پنهنجي ويجهو رهڻ ڏنائون ۽ سندن تعريف ڪيائون، ساڻن مائٽيون ڳنڍيائون ۽ ڪائنئن هر قسم جي مدد ورتائون. تنهن تي جواب ۾ چيائين ته رسول خدا جا منافقن کان به ڪم وٺندا آهن جيستائين ڪ اهي ظاهر ظهور منڪر ۽ ڪافر سڏائين. (نعوذ بالله منها) هي خود رسول الله ﷺ جي هتڪ ۽ توهين آهي. بلڪ ڪين به منافق ڪوٺڻ جي برابر آهي. انهيءَ مجتهد صاحب کي جيڪڏهن ان ڳالهه جو فيصلو ڪرڻو هجي ته غير مسلمانن کان ڪرائي جي نه شيعا آهن نه سني آهن بلڪ مسلمان ئي نه آهن.

جيڪڏهن ٻيا شيعا به هن ردي مجتهد جهڙا آهن ته پوءِ منهنجي اها تمنا ته سني


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

شيعا هڪ ٿي وڃن، سا هڪ خواب آهي بلڪ جنون آهي. پر مان نٿو ڀانيان ته سڀ شيعا انهن خيالن جا آهن. پر جيڪڏهن آهن به ته به ڪوشش ڪرڻ ۽ ڪوشش جاري رکڻ سڀ ڪنهن چڱي عالم جو فرض آهي. بلڪ عالمن کي گڏجي متفق طور اهڙي ڪوشش وٺڻ گهرجي ته سڀ فرقا گڏجي هڪ ٿي وڃن.

شيعن ۽ سنين جي وچ ۾ نه رڳو مٿيان اختلاف آهن پر ضد ۽ عناد سببان فقهي مسئلن ۾ به گهڻا اختلاف پيدا ٿي ويا آهن. اهي به ڪانفرنس جي وسيلي گهٽي قدر ميٽجي سگهجن ٿا. فروعي مسئلن ۾ اختلافن هوندي به گڏجي هڪ ٿي سگهجي ٿو. پر مکيه سوال آهي نماز جو. سنين ۽ شيعن جي نماز پڙهڻ جو طريقو اهڙو مختلف ٿي پيو آهي جو شيعا سني امام جي پٺيان نماز پڙهڻ پسند نه ڪندا ۽ سني شيعي امام جي پٺيان نماز پڙهڻ پسند نه ڪندا. ۽ اتفاق جو سچو مدار آهي به گڏجي نماز پڙهڻ تي. تنهنڪري جيڪا ڪوشش پهريائين ڪرڻ گهرجي ۽ جنهن تي سچي طاقت صرف ڪرڻ گهرجي سا نماز جي اختلافن مٽائڻ ۽ گڏجي نماز پڙهڻ بابت ڪرڻ گهرجي. اگرچه اختلاف نه مٽجي سگهن ته به منهنجو خيال ته هيئن ٿو چوي (ممڪن آهي بلڪ گمان آهي ته مان بلڪل غلط آهيان) ته جتي شيعا گهڻا هجن اتي سني، شيعي امام جي پٺيان فرض پڙهن ۽ جتي سني گهڻا هجن اتي شيعا سني امام جي پٺيان فرض پڙهن ۽ باقي نماز شيعا ۽ سني پنهنجي نموني پڙهن پوءِ مسجد ۾ پڙهن توڙي گهر ۾ وڃي پڙهن. پر جيڪڏهن شيعا مقتدي يا سني مقتدي سمجهن ته اها فرضي نماز ڪانه ٿي ته اها به جماعت سان پڙهڻ بعد وري اڪيلائي ۾ پڙهن جيئن جمعي جي نماز بعد آخر ظهر پڙهبي آهي. شيعن بابت چيو ويندو آهي ته هو قرآن شريف کي مڃن ئي ڪونه. مان ڀانيان ٿو ته اهو الزام فقط غلط فهمي تي مبني آهي. ڪن جاهل شيعن برابر اڻ سڌيءَ طرح قرآن شريف جي صحت ۾ شڪ آندو هوندو. مگر اهو الزام عام طرح لڳائي نٿو سگهجي.

احمدي فرقي وارن جا ٻه حصا ٿي پيا آهن. هڪڙا قاديان وارا جيڪي مرزا غلام احمد کي نبي ٿا سمجهن ۽ ٻين مسلمانن کي منڪر ٿا ڪوٺين ۽ ساڻن گڏ نماز نٿا پڙهن. انهن کي الله سمجهائي! هو ٻين مسلمانن کان بلڪل جدا ٿي ويا آهن. ٻيا لاهور وارا خواجه ڪمال الدين ۽ مولانا محمد علي جي پارٽي وارا آهن جي مرزا غلام احمد کي مجدد ٿا سمجهن. چون ٿا ته اسلام ۾ فرقو ئي ڪونهي. سڀ اهل قبله مسلمان آهن. هو ڪنهن جي به پٺيان نماز پڙهڻ لاءِ تيار آهن.

منهنجي دل ٿي چوي ته جيڪڏهن اسان سچي دل سان گڏجڻ چاهيون ۽ نماز گڏجي پڙهون ته رفته رفته مکيه اختلاف مٽجي ويندا. جيڪڏهن اسان کي پاڻ ۾ گڏجڻ تي دل ئي نٿي ڪدي ۽ دل وجان سان ڪوشش ڪرڻ کان نٽايون ٿا ته پوءِ اسان جي مسلماني ۾ ئي شڪ آهي ڇو ته اسلام جو وڏو مدار اتفاق تي آهي. سورت آل عمران جي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

ستين رڪوع ۾ الله تعاليٰ ٿو فرمائي ته چئو ته اي اهل ڪتاب وارا! اچو هڪڙي اهڙي ڪلمي تي جو اسان جي ۽ توهان جي وچ ۾ مشترڪ آهي (يا انصاف وارو آهي) ته اسان الله کان سواءِ ڪنهن جي به عبادت نه ڪنداسين، نه ساڻس ڪنهن کي شريڪ ڪنداسين. نڪي اسان منجهان ڪي خدا کي ڇڏي پاڻ مان ڀين کي رب ڪري وٺنداسين (ڇو ته رب فقط هڪ ئي آهي).

ناظرينو! انصاف ڪيو ته جڏهن الله تعاليٰ اسان کي غير مسلمانن سان به هڪڙيءَ ڳالهه تي اتفاق ڪرڻ جو حڪم ٿو ڏئي تڏهن اسان کي اهل قبله ڪلمه گو قرآن شريف تي ايمان آڻيندڙ مسلمان ڀائرن، سان جن سان ڪيترين ئي ڳالهين ۾ موافقت آهي تن سان اتفاق ڪرڻ جو ڪيڏو نه سخت تاڪيد ۽ جدا ٿيڻ کان ڪيڏي نه ترهيب هوندي.

## ڪتب خانه ۽ مطالعي جو شوق

مان اڳي ئي چئي آيو آهيان ته جن ماڻهن کي مطالعي جو شوق ڪونهي سي پڙهيل ناهن، جاهل آهن بلڪ جاهلن کان به وڌيڪ آهن. جن کي وري مطالي جو ڪجهه ڪجهه شوق آهي تن مان گهڻن جو مزاج اهڙو ته خراب ٿيل آهي جو قرآن شريف ۽ صحيح حديثون هنن کي وڻن ئي ڪونه. ڪتاب به جيڪي قرآن شريف ۽ حديثن مان اخذ ڪيل آهن سي ڪين ڪونه وڻن. باقي ڪوڙا ۽ واهيات ڪتاب ڪين وڻندا آهن. يعني سچي هدايت وارا ڪتاب هنن کي گمراهه ڪندڙ ڪتاب نظر ٿا اچن ۽ گمراهه ڪندڙ ڪتاب هنن کي سچا رهبر ٿا ڏسڻ ۾ اچن. مان اخبارن خواه گفتگوءَ جي وسيلي ڏاڍي ڪوشش ڪئي ته اسان جا عالم ۽ اردو ڄاڻندڙ ڪم از ڪم ٻه ڪتاب هڪ مولانا حالي جو مسدس ۽ ٻيو رحمت للعالمين پڙهي ڏسن ته سندن اکيون کلن ۽ سندن مزاج مٽجي. پر جڏهن ڏٺم ته عالمن کي اهڙو شوق ئي ڪونهي جو رڳو 6 آنا خرچ ڪري مولانا حالي جو مسدس گهرائن، تڏهن مون پنهنجي خرچ سان مسدس جون گهڻيون ڪاپيون آڻايون ۽ مفت تقسيم ڪري ڏنيون. مون کي جلد معلوم ٿيو ته هڪڙي چڱي عالم جنهن جهڙو سوَن مان هڪ مس لڀي سگهندو، تنهن به منهنجي پرپٺ چيو ته فلاڻي مولانا حالي جي مسدس ۾ الائي ڇا ڏٺو آهي. مان اها ڳالهه ٻڌي بلڪل حيران ٿي ويس. ان ڪتاب ۾ سراسر قرآن شريف ۽ حديث آهي ۽ اهڙي سهڻي پيرا ۾ ڏنل آهي جو هندستان کي انهيءَ ڪتاب بيدار ڪري ڇڏيو. مگر سنڌ جي هڪڙي چڱي عالم کي به اهو ڪتاب نه وڻيو ته ٻين کي ڪيئن وڻندو. مان نا اميد ٿي غور ويچار ڪري هن نتيجي تي پهتس ته سنڌ جي سجاڳ ڪرڻ لاءِ ڪي ٻيا اپاءَ وٺڻ گهرجن، جي ڪجهه قدر اڳي ئي بيان ڪيا اٿم مگر مکيه اپاءُ اڳتي بيان ٿيندا.

رسول الله ﷺ جو قول مبارڪ آهي ته پينگهي کان قبر تائين علم جي طلب


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڪريو. انهيءَ لاءِ ضروري آهي ته هر هڪ مسجد ۾ قرآن شريف سنڌي ترجمي ۽ تفسير سان ۽ اڙدو ڪتاب تجريد البخاري هئڻ گهرجي. تجريدالبخاري جو سنڌي ترجمو تمام جلد ڪرڻ گهرجي. نوٽ - (هاڻي تازو مولوي دين محمد صاحب وفائيءَ ڪيو آهي) سنڌيءَ ۾ جيڪي اسلامي ڪتاب موجود آهن سي به رفته رفته آڻائي مسجدن ۾ رکجن. اهي ڪتاب جماعتين کي پڙهڻ گهرجن ۽ اڻ پڙهيلن کي پڙهي ٻڌائڻ گهرجن. حديث سڀوري آهي ته سڀ کان چڱو ڪم اهو آهي جيڪو دائمي طور ڪجي اگرچه ٿورو هجي. گهٽ ۾ گهٽ ئي ماڻهن کي هر روز ٻه ٽي ڪلاڪ فرصت ملي ٿي. پر جيڪڏهن رڳو ڏهه منٽ هر روز يعني ماني کائڻ جي ويرم ڪتابن جو مطالعو ڪجي ته به ڏهن سالن ۾ گهٽ ۾ گهٽ 7300 صفحا ڪتابن جا پڙهي وڃجن. ڦڙي ڦڙيءَ مان تلاءُ ٿو ٿئي.

## علم

سڌاري ۽ ترقيءَ جو جيڪڏهن ڪو وسيلو آهي ته فقط هڪ ئي آهي. اهو آهي علم ۽ تعليم. اهو ئي سبب آهي جو الله تعاليٰ جيڪو پهريون پهريون وحي (اقرا باسم ربڪ) نازل فرمايو، سو پڙهڻ ۽ علم ۽ قلم بابت آهي. علم جي فضيلت ۽ ضرورت بابت سوين آيتون ۽ حديثون موجود آهن. در حقيقت علم کان سواءِ مسلمان ٿيڻ ئي محال آهي. قرآن شريف ۾ ڪافرن بابت بار بار چيل آهي ته هو جاهل آهن، هو نٿا ڄاڻن، هو نٿا سمجهن، هو غور ۽ فڪر نٿا ڪن، هو قدرت ۽ فطرت کي نٿا حاصل ڪن. وغيره وغيره. هن مان ثابت آهي ته جهل ڪفر جي برابر آهي يا ڪم از ڪم ڪفر کي ويجهو آهي. مگر اسان جا ڪي عالم سڀورا علم جي ابتلندو مخالفت ڪندا آهن. بي معنيٰ قرآن شريف پاڙهڻ کي ڪافي تعليم ۽ هدايت سمجهندا آهن. اگرچه ڏسن به ٿا ته بي معنيٰ قرآن شريف پڙهڻ مان اسلام جي ڪجهه به خبر ڪانه ٿي پوي. هو رڳو ڪلمي شريف جي معنيٰ به ڪانه سيکاريندا آهن. اهو ئي سبب آهي جو مڪتب ۽ مدرسا ويران ٿي ويا آهن ۽ ٿين پيا.

مولوي صاحب فرمائيندا آهن ته قرآن شريف ۽ حديثن ۾ جيڪي تاڪيد علم پڙهڻ لاءِ آهن سي ديني علم بابت آهن نه دنيوي علم بابت. حقيقت ۾ اها خصوصيت ڪيل ئي ڪانهي. قرآن شريف ۾ آهي، ”رَّبِّ زِدۡنِیۡ عِلۡمًا- يعني اي الله سائين ۽ مونکي علم ۾ وڌاءِ. هتي ته لفظ علم جي اڳيان ال به ڪانهي جنهن ڪري ان کي هرو ڀرو ديني علم سان لڳائجي. هڪ حديث شريف ۾ آهي ته، ”اطلبو العلم ولو ڪانه بآ الصين- يعني علم جي طلب ڪريو اگرچه چين ۾ هجي.“ هڪڙي حديث انهيءَ ڪان به وڌيڪ چٽي آهي جنهن مان بلاشڪ نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو ته دنيوي علم بابت آهي. اها هي آهي، ”الحڪمت ضالت المومن خبث وجدها فهو احق بها- يعني حڪمت مسلمان جي وڃايل شيءِ آهي پوءِ جتي به ان کي لهي ته هو ان جو حقدار آهي.“


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

پيو عالمن خواه عام ماڻهن ۾ هڪڙو غلط خيال هي ويٺل آهي ته زالن کي پڙهائڻ جو حڪم بلڪل ڪونهي. جيڪڏهن ڪٿي پاڙهجن ته به لکائجين نه. تواريخ مان ثابت ٿيو آهي ته زناني تعليم کان سواءِ ڪنهن به قوم جي ترقي اهڙي محال آهي آهي جهڙو ٻہر کان ٻير وٺڻ . قرآن شريف ۽ حديثن جو حڪم عورتن ۽ مردن لاءِ عام آهي. ڪڏهن به ائين چيل ڪونهي ته اي مردا! تعليم حاصل ڪيو، نڪو ائين چيل آهي ته عورتون قلم هٿ ۾ نه ڪٽن. تعليمي تجربن مان ڏٺو ويو آهي ته لکڻ کان سواءِ پڙهڻ به محال ٿي ٿو پوي. پهرئين ئي پهرئين وحي ۾ فرمايل آهي ته پڙهه، تنهنجو رب اڪرم (سيني کان گهڻو مهربان ۽ سخي) آهي جو قلم جي وسيلي علم سيکاريائين. قلم کي جيڪڏهن ايتري فضيلت آهي ته عورتن کي ڇو قلم کان محروم رکجي. ازانسواءِ هڪ حديث ۾ ته هيءَ به ڄاڻائي آهي ته علم جي طلب سڀ ڪنهن مسلمان مرد توڙي عورت تي فرض آهي. ڪٿي سمجهو ته عورتن کي لکڻ کان سواءِ گهڻي تڪليف بعد پاڙهي به سگهجي ۽ هو سڀ ڪتاب چڱيءَ طرح پڙهي وڃن ته پوءِ هي لکي ڪين سگهنديون ڇا؟ بيشڪ لکي ويندين مگر اکر ڪچا ۽ ڏنگا ڦڏا ٿيندا. پوءِ باقي نه لکائڻ مان مقصد ڪهڙو؟ اسان جي عالمن کي اسلام جي تاريخ جي خبر هجي ته جيڪر ڪين معلوم ٿي وڃي ته اوائلي زماني کان وٺي اورنگزيب بادشاهه جي زماني تائين مسلمان عورتون نه رڳو ديني علم پر دنيوي علم به سکنديون هيون. اورنگزيب هڪ نهايت متشرع بادشاهه هو، جو پنهنجي ڪمائيءَ تي گذران ڪندو هو ۽ شاهي خزاني کي هٿ به نه لائيندو هو. ان بادشاهه جي مشهور نياڻي بيبي زيب النساءَ جنهن تي عالمگير کي فخر هوندو هو سا دنيوي علم به پڙهي هئي، لکڻ ۾ به قابل هئي ۽ عجب ته هي آهي ته شعر گوئي به ڪندي هئي ۽ انهن ملڪن جي عالمن ۽ شاعرن سان بحث مباحثا ڪندي هئي. عورتون اسلام جي تبليغ ڪنديون هيون. جنگين ۾ حاضر رهي مڙسن جون خدمت ڪنديون هيون ۽ جنگ وقت صفن جي پٺيان بيهي شعرن وغيره جي وسيلي مڙسن کي همٿائينديون هيون. ڦٽيلن کي مرهم پٽي ڪنديون هيون ۽ ضرورت وقت پاڻ به وڙهنديون هيون. اهڙا عالم ۽ پير پنهنجي عورتن کي اهڙو پوري ٿا ڇڏين ۽ اهڙو جاهل ٿا رکن جو نه هنن کي دنيا مان فيض حاصل ٿئي نه دنيا کانئن فيض وٺي. انهن جو نالو ظاهر ڪرڻ به عيب ۽ عزت جي گهٽتائي سمجهي وڃي ٿي حالانڪ رسول الله ﷺ جي حرمن مبارڪن جا نه رڳو نالا معلوم آهن پر پري پري جا مسلمان کانئن اڇي حديثون ۽ مسئلا سکندا هئا.

پردي جي مسئلي تي مان هت بحث ڪونه ٿو ڪيان مگر ايترو لکان ٿو ته اصحاب سڀُورا اهڙو سخت پردو ڪونه ڪندا هوا جهڙو اسان جا ڪي پير ۽ عالم ڪن ٿا ۽ جو پردو فقط ڪي آسوده حال ماڻهو ڪري سگهن ٿا. مگر مسڪين نٿا ڪري سگهن. حالانڪ اسلام جا احڪام خصوصن پردي جو حڪم غريبن ۽ شاهوڪارن


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

لاءِ عام آهي. تنهنڪري هئڻ به اهڙو گهرجي جنهن تي سيئي عمل ڪري سگهن.
مگر هتي پردي جو سوال ڪونهي. علم جو سوال آهي. دنيوي علم ڪان سواءِ ديني علم سمجهڻ به اهڙو محال آهي جهڙو لکڻ ڪان سواءِ پڙهڻ. اهو ئي سبب آهي جو مڪتبن ۽ مدرسن جي تعليم بلڪل ردي ۽ بيڪار ٿي وئي آهي. طالب علم زبان سان لفظ چوندا ويندا آهن مگر سمجهندا ڪجهه به ڪين آهن. پر فرض ڪيو ته لکڻ جو به ضرور ڪونهي ۽ دنيوي علم جو به ضرور ڪونهي. پر ديني علم حاصل ڪرڻ لاءِ اسان جي عالمن ڇا ڪيو آهي. جن ڪي رڳو قرآن شريف پاڙهيو ويجي ٿو سي ته جاهل آهن. باقي رهيا اهي ٿورا شاگرد جن کي پارسي ۽ عربي پاڙهي ٿي وڃي تن جي حالت به رحم جوڳي آهي. ست سال پارسي تي لڳيو وڃن ته به نه پارسي ڳالهائي سگهن نه پارسيءَ ۾ خط پٽ لکي سگهن. اسلام جي ته خبر به ڪانه. ڏاڙهي اچڻ بعد عربي شروع ٿئي. گهڻا ته پارسي پڙهندي ئي بيزار ٿي مدرسو ڇڏي ٿا وڃن پر جيڪي همت ڪري پارسيءَ مان پار پئجي عربي شروع ڪري ٿا ڏين، تن کي عربي به پارسيءَ ڪان وڌيڪ ڏکئي نموني پاڙهي وڃي ٿي. صرف ۽ نحو بنا سمجهڻ جي طوطي وانگر حفظ ڪرڻ سو ٽڪر ڪاٽڻو آهي. فرهاد جهڙن عاشقن ڪان سواءِ ٻيا سڀ پٺي پٽ ٿا ڪن. جيڪي ويچارا محنتون ڪري صرف نحو مان پار ٿا پون تن کي به اجا ته اسلام جي الف جي خبر به ڪانه پوي. جڏهن ڪي قرآن ۽ حديثون پڙهن تڏهن ڪا خبر پوي. مون کي ذاتي تجربي مان خبر آهي ته عربي جو ايترو مادو پيدا ڪونه ٿو ٿئي جو عربي ڳالهائي سگهن يا عربي لکي سگهن، پر سليس ڪتاب پاڻ پڙهي معنيٰ ڪدي سگهن، جڏهن فقہ يا قرآن شريف يا حديثون پڙهن ٿا تڏهن استاد صاحب جيڪي چوندو وڃي سو هو به چوندا ٿا وڃن. نه سمجهن نه سوال پڇن. مان پاڻ مدرسن ۾ آزمودا ڪري ڏٺا آهن. هڪڙي مدرسي ۾ ڪن طالب علمن فقہ جو ڪتاب پي پڙهيو. عربي به پڙهيائين ان جي معنيٰ به طوطي وانگر چئي ويو. چيو مانس ته انهيءَ جو مطلب ته سمجهاءِ. جواب ڏنائين مطلب پوءِ سمجهنداسين. هڪڙي مدرسي ۾ اسلامي عقائدن بابت سوال پڇيم. مولوي صاحب هڪدم جواب ڏنو ته عقائد پوءِ سکندا. عربي پڙهندڙ شاگردن کي اها به خبر ڪانه هئي ته مسلمان ڇاکي ٿو چئجي.
حقيقت هئين آهي ته لکڻ ڪان سواءِ پڙهڻ محال آهي ۽ دنيوي علم ڪان سواءِ ديني علم سمجهڻ محال آهي.بلڪ ديني ۽ دنيوي علم ۾ فرق ڪرڻ ئي چُڪَ آهي. اسان جو دين اسلام اهي ئي حڪم احڪام ٿو ڏئي جيڪي دنيا سان تعلق رکندڙ آهن ۽ منجهن دنيوي فائدا رکيل آهن. اسلام سيکاري ٿو ته دنيا ۾ ڪيئن هلجي چلجي ۽ ٻين سان ڪهڙي طرح پيش اچجي ۽ ڪيئن معاملات ۽ تعلقات رکجن وغيره وغيره. هاڻي جيڪڏهن اسان کي دنيا جي واقفيت ئي ڪانهي ته دين جا احڪام ڪيئن سمجهڻ ۾ ايندا. اهو ئي سبب آهي جو اسلام جا ٻهراڙيءَ جا عالم جن دنيوي علم نه


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ پاڳي پائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

پڙهيا آهن ۽ دنيا جي واقفيت کانهي سي جاهلن جهڙا آهن. مگر اهي عالم جن دنيوي علم به پڙهيو ۽ دنيا سان واقفيت به رکيائون تن دنيا تي اثر وجهي ڇڏيو آهي ۽ وڏو انقلاب پيدا ڪري ويا آهن مثلن مولانا حالي ۽ مولانا شبلي.

سمجهو ته هڪڙو شخص ڄائي ڄم کان نابين آهي. هن کي توهان لفظن جي وسيلي اونده ۽ روشنائي ڪين سمجهائي سگهندؤ. نڪي مختلف رنگن جي حقيقت سمجهائي سگهندو. ڪنهن شخص انب ۽ زيتون ڪونه کاڌا آهن. هن کي لفظن جي رستي انهن جو سواد ڪونه سمجهائي سگهندو. اهڙيءَ طرح هڪڙي ماڻهو کي ڄائي ڄم کان ڪنهن غار ۾ رهايو ۽ ڪيس ڪنهن نوڪر هٿ رڌل پڪل طعام موڪليو. ڪيس سڄي دنيا ۾ سيني کان وڌيڪ قابل عالم استاد تعليم ڏيڻ لاءِ مقرر ڪري ڏيو ته هو طوطي وانگر ڪي لفظ سو چئي سگهندو مگر هن کي علم رڳو هيٺين ڳالهين جو حاصل ٿي سگهندو. 1- اهي طعام جي کاڌا هوندائين 2- اهو غار جنهن کان ٻاهر اصل نه نڪتو 3- انهيءَ نوڪر جي شڪل ۽ انهيءَ استاد جي شڪل 4- کائڻ پيئڻ. ٿورو پيشاب ۽ بدن جي حالت. بس ٻيو ڪجهه به ڪيس سمجهڻ ۾ نه ايندو. اها ئي حالت انهن عالمن جي آهي جن کي دنيوي علم ڪونهي. هو اسلام بلڪل ڪونه ٿا سمجهن. اهو ئي سبب آهي ته هو رڳو معجزن ۽ ڪرامتن جي قصن تي زور ڏيندا آهن. اهو ئي سبب آهي جو قرآن شريف، نماز، وظيفن وغيره کي رڳو منتر ڪٽي ٻٽايو اٿن. ڪين دنيا جي واقفيت هجي ۽ دنيا ۾ جي آسانيون ۽ تڪليفون درپيش ٿيون اچن تن جي خبر هجين ۽ ڪين معلوم هجي ته اسان ڪهڙين ڪهڙين مصيبتن ۾ مبتلا آهيون ۽ ڇا جي ڪري اهي مصيبتون اسان تي نازل ٿيون آهن ته هڪدم قرآن شريف ۽ حديثن جي حڪمن جون خوبيون ۽ حڪمتون ۽ اثر سندن خيال ۾ اچي وڃن. نه رڳو ايترو پر قرآن شريف ۽ حديثن ۾ اهڙا اهڙا اڻ کٽ خزانا آهن جو انهن کي سمجهه تڏهن پوندي ۽ انهن جي سچائي ۽ ڪارائتي هئڻ جي تڏهن پروڙ پوندي جڏهن ايندڙ زمانن ۾ ڪي نيون حالتون پيدا ٿينديون.

انگلنڊ جو ملڪ هڪ ننڍڙو ملڪ اٽڪل ست هزار ڪوهه پري آهي. ان ملڪ مان هڪ مٺ ماڻهن جي ست ولايتون لتاڙي هندستان ملڪ ۾ آئي ۽ واپار شروع ڪري پنهنجي ملڪ ۽ قوم کي زور وٺايو. منجهن حب الوطني به اهڙي جو ڊاڪٽر برائڊن کي جڏهن شاهه جهان بادشاه چيو ته جيڪو انعام گهرڻو هجيئي سو گهر تڏهن چيائين ته مون کي پنهنجي لاءِ ڪجهه نه گهرجي مهرباني ڪري منهنجي ملڪ جي ماڻهن کي واپار جون سهولتون ڏيو.

ٿورڙن ئي سالن ۾ اها مٺ ماڻهن جي نه رڳو ٻين يورپي رقيبن فرنچن وغيره تي غالب پئي، پر رفته رفته سڄو هندستان پنهنجي عقل ۽ علم جي وسيلي فتح ڪري بادشاه ٿي ويهي رهيا. اسان جا عالم سڳورا مسجدن جي ڪنڊن ۾ ويهي تسبيون


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

سوري پليٽ نصارن تي لعنتون پڙهڻ لڳا ۽ ماڻهن کي هدايت ڪرڻ لڳا ته نصارن جي ويجهو نه لنگهو. سندن اسڪولن ڪان پري ڀڄو. سندن پيسي ۽ نوڪريءَ کي حرام سمجهو. نتيجو اهو ٿيو جو نصارن ڪان پري به رهي نه سگهياسين ۽ سڀ ڪنهن ڳالهه ۾ پست پئجي دنيا به وڃائيسين ۽ دين به وڃايوسين. انهيءَ ڪان ته اها صلاح ڏين ها ته هلو ته هلي سمنڊ ۾ ٻڏي مرون ته بهتر ٿئي ها جو ته ان تي عمل ته ڪري سگهجي ها ۽ ٻين قومن جي غلاميءَ جي زنجيرن ۾ ته نه ڦاسون ها. پر ڀلو ٿئي سر سيد احمد خان جهڙن انسانن جو جن علمائن جي مخالفت ڪري مسلمانن کي تباهي ڪان ڪجهه قدر بچائي ورتو ۽ مولوين جي مخالفت هوندي به مسلمان ڪجهه قدر سجاڳ ٿيا آهن ۽ سمجهن ٿا ته دنيا ۾ ڪامياب ٿي رهڻ نه رڳو دنيائي طرح ضروري آهي پر ديني طرح به ضروري آهي.

خبر ناهي ته مولوين سڳورن دنيوي تعليم ۾ ڪهڙو ڪفر ڏٺو هو. دنيوي تعلم دنيا ۾ پيسو ڪمائي خوشحال رهڻ لاءِ ضروري آهي. خوشحالي ۽ آسودگي حرام ۽ ننگي سڃائي حلال آهي ڇا؟ دنيوي تعليم عقل ۽ دنيا جي واقفيت وڌائي ٿي. اسلام بي عقل ۽ جاهل رهڻ جي هدايت ٿو ڪري ڇا؟ جيڪڏهن دولت اهڙي خراب آهي ته سخيءَ جو درجو اهڙو بلند ڇو ٿيو آهي؟ سخاوت ۾ هڪ ڪارڪ ڏيڻ به وڏو ثواب آهي. پوءِ جيڪڏهن ڪنهن ماڻهو کي دنيوي علم ۽ هنر سيکاري هوشيار ڪري هزارن رپين ڪمائڻ جي لائق ڪجي ته ڪيڏو نه ثواب سمجهڻ گهرجي. جيڪڏهن سنڌي يا انگريزي ٻولي سکڻ گناهه آهي ته تڏهن سڀني مسلمانن کي فقط عربي ٻولي سکڻ ۽ ڳالهائڻ گهرجي ڇا؟ جيڪڏهن ٻولين سکڻ ۾ ڪفر ڪونهي ته پلا ليکي چوکي ۽ حسابن سکڻ ۾ ڪفر آهي ڇا؟ انهن ۾ ڪفر ڪونهي ته پلا تاريخ ۽ جاگرافي ۾ ڪفر آهي ڇا؟ تڏهن ڇا ۾ ڪفر آهي؟ تاريخ جو علم اهو اعليٰ علم آهي جيڪو اسلام ۽ ترقي لاءِ اشد ضروري آهي. تاريخ مان خبر ٿي پوي ته مختلف قومون مختلف ملڪن ۽ مختلف زمانن ۾ ڪهڙيءَ طرح گذاري ويون. سندن علم ۽ عقل، سندن رسمون ۽ رواج، سندن هنر ۽ ڌنڌا، سندن خوراڪ ۽ پوشاڪ، سندن خيال ۽ عقيدا، ليڊرن ۽ رهبرن جا حالات، انهن جو قوم تي اثر، سڌارا يا بگاڙا، سبب ۽ انهن جا نتيجا، اهي ئي ڳالهيون تاريخن ۾ بيان ڪيل آهن ۽ انهن ئي مان گذريل زمانن جي سڀني قومن جو عقل حاصل ڪري پنهنجو سڌارو ۽ ترقي ڪري سگهون ٿا. ساڳيءَ طرح جاگرافي به اهو علم آهي جنهن جي وسيلي سڄي دنيا جي واقفيت پنهنجي ننڍڙيءَ ڪوٺڙيءَ ۾ حاصل ڪري سگهون ٿا. سڄي دنيا جا عجب نظارا جبل ۽ درياهه، عمارتون ۽ پليون، سمنڊ ۽ ٻيٽ، ماڻهو ۽ مرون، پکي ۽ جيت، هنر ۽ ڪاريگريون، ٻاجيون ۽ ميوا وغيره وغيره گهر ويٺي ڏسي سگهون ٿا. سائنس جو علم اهو علم آهي جنهن سڄي دنيا کي تارن، آگبوٽن، ريل گاڏين، هوائي جهازن جي وسيلي ڳنڍي ڄڻ هڪ ننڍڙو ملڪ ڪري وڌو آهي. جنهن


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

کي پيسو آهي سو ٿوريئي وقت ۾ سڄي دنيا جو سير ڪري اچي ٿو گهر ڪان نڪري. ڪي يار تہ سائيڪل تي چڙهي سڄي دنيا جو سير ڪري ٿا اچن. اسان ڪان بلڪل ڏورانهون ملڪ آمريڪا آهي. ان ملڪ ۾ جيڪي گذريل رات وهيو واپريو تنهن جي خبر اخبارن ۾ صبح سان پئجي ٿي وڃي. راڳ ٿئي بمبئي ۾ ڪلڪتي ۾، ٻڌجي ڪراچي ۾ لاڙڪاڻي ۾. اهڙا علم ۽ هنر ايجاد ڪيا ويا آهن جن جي وسيلي انسان چڱي تندرستي حاصل ڪري خوشحال گذاري سگهن ٿا. مگر افسوس تہ اخلاقي ۽ ديني ڪماليتن نہ هئڻ ڪري عقل ۽ علم جون نعمتون گهٽي قدر رائگان وڃن ٿيون. ناظرينو! سوچيو ۽ سمجهو تہ دنيوي علمن ۾ ڪفر ڪونهي پر ان مان خدائي نعمتون حاصل ٿيون ٿين. فقط هي ڳالهہ آهي تہ دنيوي علم سان گڏ ديني علم ۽ اسلامي اخلاق بہ هئڻ گهرجن. اسان جي عالمن کي جيڪڏهن ڪجهہ بہ اسلام جي خبر هجي ها تہ دنيوي علم جو پڙهڻ بہ ديني فرض ڪري ڏيکارين ها ۽ ان سان گڏ سڄي اسلامي تعليم ڏيڻ جو بہ انتظام ڪن ها. مولوي ۽ ٻيا مسلمان گڏجي سرڪار تي زور رکن ها تہ اسان جي ٻارن کي دنيوي تعليم سان گڏ ديني تعليم ڏيڻ جو بہ انتظام ڪيو. يا 6 ڪلاڪن مان 4 ڪلاڪ توهان جا ماستر ڪين دنيوي تعليم ڏين ۽ باقي ٻہ ڪلاڪ اسان جا عالم ڪين اسلام سيکارين. جيڪڏهن سرڪار ائين ڪرڻ ڪان بہ انڪار ڪري ها تہ پوءِ پنهنجا اسڪول اهڙا کولين ها جن ۾ انگريزي نموني واري دنيوي تعليم سان گڏ ديني تعليم بہ شامل ڪن ها. ارمان جي ڳالهہ آهي تہ ڪي مولوي صاحب اجان تائين انگريزي تعليم جي مخالفت ڪندا اچن سو هن ڪري جو انگريزي خوانده پنهنجي پوشاڪ ڇڏي انگريزي پوشاڪ اختيار ٿا ڪن، ڏاڙهي مچون چٽ ٿا ڪرائين، بلڪ ڪي تہ روزا ۽ نمازون ۽ اسلام ئي ڇڏي ٿا ڏين. ان ۾ انگريزي تعليم جو ڏوهہ ڪونهي پر اسلامي تعليم نہ هئڻ جو ڏوه آهي. اجان سچ چئجي تہ عالمن جو ئي ڏوهہ آهي جنئين اڳي سمجهايو ويو آهي. تڏهن بہ انگريزي خوانده جاهلن ڪان وري بہ چڱا آهن. جاهلن کي نہ دين آهي نہ دينا آهي نہ عقل آهي نہ علم آهي. هو وحشين وانگر چوريون ٿا ڪن، چڪلن ۾ ٿا ويهن، ڪڪڙ ٿا ويڙهائين وغيره وغيره.

انگريزن جي اچڻ وقت اسان جي قوم هر طرح تباهي جي حالت کي پهتل هئي. غفلت ۽ سستي اسان تي غالب پئجي ويئي هئي. انگريزن اسان کي ننڊرون هٽي سجاڳ ڪيو. هونئن دنيا و ما فيها ڪان نا واقف هئاسين، انگريزن اسان کي ان ڪان واقف ڪيو.

دنيا تہ ڇڏيو پر خود دين بہ اسان کي اڻ سڌيءَ طرح انگريزن ئي سيکاريو. سو هيئن: چوندا آهن تہ ”نادان دوست ڪان داناءُ دشمن بہ ڀلو آهي“ يورپي مشنري پادرين اسلام تي سخت حملا ڪيا. هنن جا اهي حملا واجبي بہ هئا. ڇو تہ خود اسان جا ڪي تفسير ۽ ڪتاب اهڙا تہ واهيات هئا جو انهن جي ئي وسيلي هنن اسلام کي ڪوڙو ۽ واهيات ثابت ڪري ڏيکاريو ۽ رسول الله ﷺ کي الاجي ڇا ڇا ثابت ڪري ڏيکاريو.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

انهيءَ تي ئي ڪن روشن دماغ عالمن کي غيرت آئي جن قرآن شريف ۽ صحيح حديثن ڏي رجوع ڪيو ۽ انهن مصنفن جي ڪتابن ڏي رجوع ڪيو، جن بنو اميہ ۽ بنو عباس جي زماني ۾ علم ڪلام کي زور وٺايو ۽ اسلام جون خوبيون فلسفي جي وسيلي سمجهايون. نتيجو اهو ٿيو جو پادرين جي ترديد ڪاميابي سان ڪئي ويئي ۽ اسان کي بہ سچي اسلام جي خبر پيئي.

ڪرستان پادرين جو ذڪر بہ ائين ئي وچ ۾ اچي ويو. اصل مطلب هي هو تہ انگريزن جي اچڻ کان علم جي روشني وري اسان جي ملڪ ۾ منهن ڪڍيو ۽ اسان جي مولوين گهڻي قدر ان روشنائي کي پري رکڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ڪجھ قدر اجان بہ ڪن پيا، پر اوندھ تي روشنائي ضرورو غالب پوڻي آهي.

## تعليم

مان اڳي ئي لکي چڪو آهيان تہ اسان جي ديني خواه دنيوي ترقيءَ جو مدار تعليم ئي آهي. اسان جو بگاڙو يا تنزل هن ڪري ٿيو آهي جو اسان وٽ تعليم يا تہ اصل آهي ئي ڪانہ يا جيڪڏهن آهي تہ اهڙي ردي آهي جو نہ هئڻ نہ حاصل. جنهن صورت ۾ مان تعليم کي ترقيءَ جو يگانو وسيلو ٿو سمجهان تنهن صورت ۾ مون تي فرض آهي تہ ٻڌايان تہ تعليم اڄ ڪلھ ڪيئن ڏني وڃي ٿي، تعليم جا مقصد ڇا آهن ۽ تعليم ڪيئن ڏيڻ گهرجي، ۽ تعليم جي سڌاري لاءِ ڇا ڇا ڪرڻ گهرجي. ياد رکڻ گهرجي تہ ترقي تڏهن ٿيندي جڏهن هر هڪ انسان مرد خواه عورت پڙهيل هوندي، نہ رڳو پڙهيل هوندي پر موت جي گهڙيءَ تائين پڙهندي رهندي. پڙهڻ ڪو مشڪل ڪم ناهي. اسان جا ماڻهو هر روز گهٽ ۾ گهٽ بہ يا ٽي ڪلاڪ اجايا بيهودين ڳالهين يا بيهودن ڪمن ۾ ضايع ڪن ٿا. جيڪڏهن هرڪو ماڻهو فقط اڌ ڪلاڪ هر روز تعليم وٺي تہ بہ ٽن سالن ۾ هو لکڻ پڙهڻ سکي ويندو. پر جي ٽن سالن ۾ نہ تہ پنجن سالن ۾ ضرور سکي ويندو. پوءِ کيس گهرجي تہ ڪتاب اخبارون رسالا وغيره مطالعو ڪندو رهي. اڄ ڪلھ علم پاڻي وانگر مفت ميسر آهي. جيڪڏهن ڪو اهڙو خيرخواه ۽ همدرد نہ لڀي سگهي جو هر روز شائقن کي گڏي ڪلاڪ اڌ مفت تعليم ڏئي، تہ پوءِ کيس 5 روپيا ماهوار مقرر ڪري ڏجن. جيڪڏهن 15 ڄڻا پڙهندڙ هوندا تہ هر هڪ تي مهيني ۾ پنج آنا چار پايون لڳندا. اها رقم ڪا وڏي ڪانهي. هرڪا آکھ ڪفايت سان ۽ اجاين خرچن ڦٽي ڪرڻ سان گهٽ ۾ گهٽ 3 رپيا مهينو بچائي سگهي ٿي.

هلندڙ صديءَ ۾ تعليمي ڪم بابت ايترا تجربا ٿيا آهن ۽ ننڍن خواه وڏن جي دل ۽ دماغ بابت ايتري کوجنا ڪئي وئي آهي جو تعليم جي هنر ۾ هڪ وڏو انقلاب پيدا ٿي ويو آهي. من وديا ۽ تعليم بابت هزارين ڪتاب لکيا ويا آهن جن جي رکڻ لاءِ بہ ٿي جايون بہ پوريون نہ پون. ازان سواءِ هزارين ماهوار رسالا تعليم بابت شايع ٿيندا رهن ٿا ۽ ڪيترائي ماهوار رسالا خاص ٻارن ۽ شاگردن لاءِ نڪرندا رهن ٿا. اسان جي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

مڪتبن ۾ مدرسن جي معلمن اهڙن ڪتابن ۽ رسالن جو رڳو نالو بہ نہ ٻڌو هوندو. سندن تعليم جا رستا اهڙا ناقص آهن جو جيڪو ٿورو گهڻو ڪم ڪن ٿا، تنهن جو بہ نتيجو چڱو ڪو نہ ٿو نڪري. چوندا آهن تہ عقل وارن جو رڳو عقل ڪپي ۽ ڇٽ جي ڪپي سڄي ڄمار.

اسان جي مڪتبن ۾ ٻهريان 2 سال فقط قرآن شريف پڙهڻ ۾ لڳايا وڃن ٿا، سو بہ اهڙيءَ طرح پاڙهيو وڃي ٿو جو ڪجهہ وقت جيڪڏهن شاگرد ڇڏي ٿا ڏين تہ وسري ٿو وڃين. انهي جو سبب هيءُ آهي جو هو گهڻو ڪري طوطي وانگر پڙهندا ياد ڪندا ويندا آهن. در حقيقت جيڪڏهن بغدادي قاعدو چڱي طرح سيکارجي يعني منڍ کان وٺي جيڪو حرف پاڙهجي سو سڃاڻارائجي بہ ۽ لکارائجي بہ ۽ زيرون زبرون پڙهن تہ هجي ڪري لفظ پاڻ ناهي وڃن. پڙهي بہ وڃن ۽ لکي بہ وڃن تہ پوءِ سڄو قرآن شريف پاڙهڻ لاءِ 3 مهينا يا وڌ ۾ وڌ 6 مهينا لڳندا. ان مان هيءُ بہ فائدو ٿيندو جو پوءِ هو سنڌي بہ هفتي ڪن ۾ يا وڌ ۾ وڌ مهيني ۾ پڙهي ويندا. جو تہ سنڌي پڙهڻ لاءِ فقط ڪي ٿورا حرف وڌيڪ ڪين سکڻا پوندا. ساڳي طرح جيڪڏهن ٻهريائين سنڌي پاڙهجي تہ پوءِ قرآن شريف سيکارڻ ۾ مهينو بہ مس لڳندو. تنهنڪري بهتر ائين ئي آهي تہ ٻهريائين مادري زبان سنڌي سيکارجي. فطرتي قانون موجب اصول آهي تہ ٻارن کي ٻهريائين سولو ڪم سيکارجي. پنهنجي زبان پڙهڻ سولي آهي. ٻيو فطرتي قانون آهي تہ اهو ئي ڪم شوق ۽ آساني سان ڪري سگهندا جو ڪين سمجهہ ۾ ايندو ۽ وڻندو. تنهنڪري بهترين طريقو اهو ڪڍيو ويو آهي تہ شروعات ۾ ئي ٻارن کي ننڍڙيون ۽ وڻندڙ آڪاڻيون ۽ گيت پاڙهجن، جو تہ آڪاڻيون ۽ گيت ڪين ڏاڍا وڻندا آهن. ٽئين درجي ۾ ٻارن کي ننڍيون ننڍيون سورتون پاڙهجن پر معنيٰ سان. جو تہ ڪين معنيٰ سيکاربي تہ وڌيڪ مزو ايندن ۽ هوريان هوريان اسلام جي خبر بہ پوندي ويندن. بلڪ سورتن شروع ڪرڻ کان اڳ ۾ ڪلمون شريف پڙهڻ، لکڻ ۽ ان جو مطلب سمجهائجي.

اسلامي تعليم ٻئي يا ٽئين درجي ۾ شروع ڪجي. ان لاءِ سنڌيءَ ۾ تمام سولا ۽ ننڍڙا اسلامي ڪتاب تيار ڪرڻ گهرجن. اهي ننڍڙا ڪتاب لوڪل بورڊ اسڪولن ۾ ماسترن کي پاڙهڻ گهرجن. هر روز هڪ ڪلاڪ نہ ٿي سگهي تہ فقط هفتي ۾ ٽي ڪلاڪ اهي سليس ديني ڪتاب پاڙهڻ گهرجن. مڪتبن ۾ جتي آهن ئي مسلمان ڇوڪرا اتي وڏيرڙا اسلامي ڪتاب پاڙهي سگهجن ٿا جو تہ انهن ۾ پوءِ اسڪولي درسي ڪتابن ۾ ڪجهہ پاڙهڻ جو ضرور ڪونهي. انهن ئي ڪتابن ۾ ڪجهہ دنيوي سبق بہ وجهي سگهجن ٿا. ساڳي طرح ديني تعليم جو سلسلو (هفتي ۾ 3 ڪلاڪ) انگريزي اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ بہ هلڻ گهرجي. ڪم از ڪم 4 درجا سيني شاگردن کي پاس ڪرڻ گهرجن اها آهي ابتدائي تعليم.

خاص ديني مدرسن ۾ يا تہ لوڪل بورڊ اسڪول جا چار درجا پڙهيل شاگرد


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

داخل ڪجن يا جيڪڏهن لوڪل بورڊ اسڪول ڳوٺ ۾ يا ويجهونہ هجي تہ پاڻ 4 درجا پاڙهي پوءِ متاهين تعليم شروع ڪجي. مدرسن ۾ پهريائين پارسي پاڙهي وجي ٿي پوءِ عربي. پارسي نڪي اسلامي زبان آهي نڪي اسان جي مادري زبان آهي. اڳي پارسي پڙهڻ لاءِ هي سبب هو جو بادشاهن جي مادري زبان پارسي هئي ۽ سرڪاري لکپڙهہ ۾ فقط پارسي ڪم آئبي هئي. هن وقت پارسي پاڙهڻ جو ڪو ضرور ڪونهي. فقط هڪ ڳالهہ آهي تہ سنڌي زبان وسيع نہ آهي منجهس ڪارآمد ۽ چيدا لفظ ٿورا آهن تنهنڪري پارسي ۽ عربي لفظن جي مدد سان ئي ان کي ڪجهہ وسيع ڪيو ويو آهي ۽ اڳتي بہ وسيع ٿيندي ويندي. پر ساڳيو ئي مقصد اڙدو پاڙهڻ سان بہ حاصل ٿي سگهندو. اڙدو وڌيڪ آسان آهي. جتي ڪٿي اها ٻولي ڳالهائڻ ۾ اچي ٿي تنهنڪري ان جو سکڻ گهڻي قدر ضروري بہ ٿي پيو آهي. ازان سواءِ اڙدو زبان ۾ ڪارآمد لٽريچر جو وڏو ذخيرو موجود آهي. پارسي بابت چيو وڃي ٿو تہ ان جي پاڙهڻ بعد عربي سيکارڻ ۾ آساني ٿئي ٿي ور نہ سخت تڪليف ٿي ٿئي. ائين سمجهڻ ۾ هن ڪري ٿو اچي جو اڃ تائين اهو دستور هليو آيو آهي. هندستان ۾ اڳي ئي جهونو رواج ڇڏيو ويو آهي. ڪي اڙدو ڪتاب مثلن عربي بول چال ۽ عربي ڪي قواعد نڪتا آهن جن جي وسيلي عربي تمام آسانيءَ سان پاڙهي سگهجي ٿي. سنڌيءَ ۾ بہ ڊاڪٽر عمرالدين دائود پوٽي ڊي - پي - آءِ سنڌ عربي ۾ بہ ڪتاب لکي ڇپايا آهن ۽ وڌيڪ ڇپارائي پيو. اهي اهڙي طرز سان لکيل آهن جو اميد ٿي ڪجي تہ آئينده سنڌ جا مولوي تمام گهڻي آساني سان عربي تعليم ڏئي سگهندا.

مون اڳي ئي چيو آهي تہ ابتدائي تعليم درجي تائين هئڻ گهرجي. اوتري تعليم سپ ڪنهن مرد ۽ عورت کي ضرور هئڻ گهرجي. پوءِ خانگي طرح ديني ۽ دنيوي علم وڌائي سگهجي ٿو. اها تعليم 5 يا 6 ورهين جي عمر کان 11 ورهين جي عمر جي اندر ڏئي سگهجي ٿي. خانگي مدرسن جي تعليم جي ٻي منزل بہ پنجن ورهين جي هئڻ گهرجي يعني 11 ورهين جي عمر کان وٺي 16 ورهين جي عمر تائين. ان عرصي ۾ هيٺيان ڪم پاڙهڻ گهرجن. 1- عربي پنج درجا، 2- اسلامي ڪتاب سنڌيءَ ۾ خاص طرح تيار ڪيل، 3- هندستان جي مختصر تاريخ، 4- رسول الله ﷺ ۽ خلفاء راشدين جي مختصر تاريخ، 5- هندستان ۽ اسلامي ملڪن ۽ برٽش سلطنت جي تمام مختصر جاگرافي، 6- مضمون لکڻ جو استعمال ۽ 7- تقرير ڪرڻ جو استعمال. پارسي يا اڙدو نہ سيکارجي تہ ڪوئي حرج ڪونهي. پر جيڪڏهن هرويرو ڪو پارسي سيکاري تہ ڪيس گهرجي تہ پڙهائڻ جو ڍنگ سڌاري. پارسيءَ ۾ بہ پهريائين پهريائين تمام سليس آڪاٽيون ۽ روزمره جي گفتگو ۾ ڪم اچڻ جهڙا الفاظ ۽ جملا سيکارجن. شاگردن سان پارسي ۾ سليس گفتگو ڪرڻ گهرجي. انگريزي اسڪولن ۾ جيڪي پارسي ڪتاب پاڙهيا وڃن ٿا اهي پاڙهڻ گهرجن. سنڌي مان پارسي ۾ ترجمو ڪرائڻ جي مشق ڪرائڻ گهرجي ۽ پارسي ۾ خطَ ۽ مضمونَ لکائڻ


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

گهرجن.

اڪثر ڏٺو ويو آهي ته معلم صاحب پارسي جي سٽ پڙهي متعلم کي پڙهائيندو آهي ۽ ان جي معنيٰ به متعلم کي چوارائيندو آهي. معنيٰ به سنڌي محاوري ۽ نحو موجب نه پر پارسي جي نحو موجب ڪندو آهي. مثلن زبان تابود درد هان جائيگر. ثنائي محمد بود دلپذير. معنيٰ ”زبان جيستائين هجي منجهه وات جي جاءِ وٺندڙ تعريف محمد جي هجي دل قبول ڪندڙ.“ شاگرد پارسي جي سٽ ۽ ان جي اهڙي معنيٰ ياد ڪري ڇڏين. مگر سمجهن ڪجهه به ڪونه ٿا. جيڪڏهن ڪانئن پڇجي ٿو ته وات جي واسطي پارسي لفظ ڪهڙو آهي ته ڪو نه ٿا ٻڌائي سگهن ۽ جيڪڏهن وري پڇجين ٿو ته دهان جي معنيٰ ڇا آهي يا ثنا جي معنيٰ ڇا آهي يا گير ۽ پذير جي معنيٰ ڇا آهي ته ڪو نه ٿا ٻڌائي سگهن. هاڻي انصاف ڪيو ته اهڙيءَ طرح سان ڇو نه ورهين جا ورهيه لڳي ويندا ۽ ٻئي معلم ۽ متعلم به سخت محنت ڪندا مگر پارسي سکي ڪين سگهندا. ساڳيو ئي حال آهي عربي تعليم جو بلڪ گهڻو بدتر. سولو رستو هي آهي ته هر هڪ لفظ جي معنيٰ ٻڌائجي ۽ استعمال لاءِ وري سنڌي لفظ لاءِ پارسي لفظ پڇجي. پوءِ متعلم جملي يا سٽ جي معنيٰ پاڻ ڪڍي وجي ۽ مطلب به سمجهائي وجي ته ڳالهه ڪي سمجهي لطف ۽ نصيحت ۽ واقفيت به حاصل ڪري. پارسي زبان سيکارڻ ۽ ترجمي ڪرائڻ لاءِ زمانن ناهڻ جا قاعدا ضرور سيکارڻ گهرجن. انهن جي سيکارڻ تي مهينو به مس لڳندو. پوءِ هنن کي پارسي مان سنڌي ۽ سنڌي مان پارسي ڪرڻ بلڪل آسان لڳندي، جملي ۾ جيڪي فعل اچن تن جو مصدر ۽ امر ضرور ٻڌائجي. بلڪ گرامر جا مکيه قاعدا جتي جتي جملي ۾ ضرورت پوي سيکاربا وڃجن.

ٻي منزل جي پنجن سالن ۾ شاگرد کي عربي زبان ايتري قدر اچي ويندي جو هو عربي ۾ ڳالهائي ٻولهائي سگهندا ۽ خط پٽ لکي پڙهي ويندا. عربيءَ ۾ مضمون لکي سگهندا. سليس عربي ادبي ڪتاب پڙهي مطلب ڪڍي ويندا ۽ لغت جي وسيلي ڏکيا عربي ڪتاب به پڙهي سگهندا. جيڪڏهن انهيءَ منزل کان پوءِ شاگرد ڇڏي ويندا. ته به هو پوءِ خانگي طرح ڪتابن جو مطالعو ڪري چڱا عالم ٿي سگهندا.

ڌارين ٻولين سيکارڻ جو هڪڙو عام مقبول اصول يورپ ۽ آمريڪا ۾ هي قائم ڪيو ويو آهي ته جنهن صورت ۾ ننڍڙو ٻار ٻولي ٻڌڻ ساڻ ۽ از خود ڳالهائڻ سان سکي ٿو وڃي، تيئن مدرسن ۾ به پهرئين ڏينهن کان طالب علمن سان ان ٻوليءَ ۾ ڳالهائڻ گهرجي جا هن کي سکڻي آهي. وڏا ته ننڍن ٻارن کان گهڻو وڌيڪ آساني سان ۽ جلد سکي پوندا. معلم کي ان طرح تعليم ڏيڻ لاءِ اشارن کان ڪم وٺڻو پوندو. شيون استعمال ۾ آڻيون پونديون ۽ ڪلاس ۾ رکيل شيون، طالب علمن جا عمل (مثلن اٿ ويهه، هيڏي اچ ۽ ڪتاب کڻ وغيره وغيره) ۽ بدن جا عضوا وغيره انهن جي وسيلي گفتگو جو دائرو وڌائڻو پوندو.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ پاڳي پائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

مدرسن جي تعليم جي ٽئين منزل لاءِ به منهنجي خيال ۾ 5 سال هئڻ گهرجن. ان لاءِ نصاب کهڙو هئڻ گهرجي سو مان چئي نٿو سگهان مگر ته به ڪجھ نه ڪجھ چوڻ کان رهي نٿو سگهان. 1- قرآن شريف جو ڪو اوائلي تفسير مثلن، ابن ڪثير، 2- صحيح بخاري، 3- فقہ شريف، 4- قاضي سليمان جو رحمت للعالمين، 5- مولانا شبلي جا ڪتاب سيرت النبي. سيره النعمان ۽ الفاروق، 6- وڏيڪ حديثن جا ڪتاب پر تحقيق ڪيل معتبر ۽ صحيح حديثون هجن، 7- تاريخ اسلام، 8- تقريرون ۽ تصنيفن ڪرڻ جو استعمال ۽ 9- دنيا جي مختصر جاگرافي.

هر هڪ درجي لاءِ ڪم ۽ ٽائيم ٽيبل مقرر ڪرڻ گهرجن. هر مهيني طالب علمن جو امتحان وٺڻ گهرجي. ساليانې امتحان ۾ سڀني درجي جي ڪمن جو امتحان وٺڻ گهرجي. جيڪو پاس ٿئي تنهن کي مٿين درجي ۾ ٽپائجي ۽ جيڪو ناپاس ٿئي تنهن کي وري سڄو سال پڙهائجي. سرڪاري اسڪولن ۾ اهو دستور آهي. پر منهنجو خيال آهي ته هر هڪ درجو 6 مهينن جو هئڻ گهرجي ۽ آخري امتحان درجي ٽپائڻ جو به ڇهين ڇهين مهيني هئڻ گهرجي. ان مان اهو فائدو ٿيندو جو جيڪڏهن ڪو شاگرد ناپاس ٿيندو ته وري 6 مهينا پڙهڻو پوندس نه ڪي ٻارهن مهينا.

ٻي منزل جو آخري امتحان باقاعدي مقرر تاريخن تي سنڌ جي ڪن مرڪزي هنڌن تي وٺڻ گهرجي. ممتحن اهي مقرر ڪرڻ گهرجن جيڪي وڏا عالم هجن ۽ تعليم جو ڪم ڪيل هجين. جيڪي پاس ٿين تن کي ڇپيل سرٽيفڪيٽ ملڻ گهرجي. انهيءَ لاءِ ته هو ڪٿي به معلمي جو عهدو وٺي سگهن ۽ مسلمانن جا ٻار پاڙهين.

ساڳي طرح ٽئين منزل جي آخري امتحان لاءِ سڄي سنڌ جي طالب علمن لاءِ هڪ مرڪز مقرر ڪجي. جيڪو پاس ٿئي تنهن کي عاليشان ڇپيل سند ڏيڻ گهرجي. فقط انهن کي ئي عالم يا مولوي سمجهڻ گهرجي.

سڄي سنڌ ۾ ڪم از ڪم هڪ عاليشان ديني اسلامي ڪاليج هئڻ گهرجي. جنهن جي لاءِ ٻين معلمن سان گڏ هڪ اهڙو معلم به هجي جيڪو مولوي به هجي انگريزي، دان بي - اي يا ايم - اي به هجي. ديني ۽ دنيوي علم کان چڱو واقف هجي. هو شريعت تي هلندڙ ۽ اعليٰ اسلامي اخلاقن وارو هجي. هڪڙو معلم مصر جي جامعہ ازهر مان آڻائجي. اهڙي وڏي ڪاليج جي اشد ضرورت آهي. ان ۾ وڏا وڏا تفسير جهڙوڪ ابن جرير جو پڙهائڻ گهرجي ۽ وڏن وڏن اوائلي امامن جون تصنيفون پڙهائڻ گهرجن.

1- وڏن عالمن کي گهرجي ته پاڻ ۾ ڪانفرنس ڪري ٽنهي منزلن لاءِ نصاب ٺاهي سيني معلمن ڏي ڏياري موڪلين، 2- گهربل ڪتاب تصنيف ڪن ۽ 3- ممتحن مقرر ڪن ۽ امتحان وٺڻ جو انتظام ڪن.

## تعليم ۽ ضابطي ۽ انتظام بابت هدايتون


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

تعليم جو مقصد آهي بدني، اخلاقي، دماغي ۽ روحاني ترقي. تعليم مان اهڙو هوش ۽ واقفيت حاصل ٿيڻ گهرجي جو ماڻهو دنيا ۾ روزگار به چڱو ڪمائي سگهي ۽ هر طرح ڪامياب ۽ با عزت رهي سگهي.

بدني ترقي يعني چڱي تندرستي بابت سوين بلڪ هزارين وڏا وڏا ڪتاب لکيل آهن. مختصر طور هيترو لکڻ ضروري آهي ته تندرستي جو مدار آهي صفائي ۽ ورزش تي.

هر روز صبح جو وهنجڻ گهرجي. وضو نماز ۽ روزن ۾ چڱا تندرستي جا اصول رکيل آهن پر هر وضو ساڻ ڏندڻ ڪرڻ گهرجي. ڪپڙا به صاف هئڻ گهرجن. شاگردن کي وهنجڻ ڏندن هڻڻ ۽ ڪپڙن ڌوئڻ ڌورائڻ جو تاڪيد ڪجي. هوا صاف هئڻ گهرجي. دريون کليل رکڻ گهرجن. منهن تي ڪپڙو يا سوڙ وجهڻ نه گهرجي. وات بند رکڻ گهرجي ۽ نڪ سان ساهه کڻڻ گهرجي. پاڻي به صاف هئڻ گهرجي. صاف نه هجي ته ڪاڙهي ٺاري رکي پوءِ پيئڻ جي ڪم آڻجي. گهرن جي پرسان گندگي نه هئڻ گهرجي. مکين کي کائڻ پيئڻ جي شين تي ويهڻ نه ڏجي.

ورزش بابت بهتر ته ائين آهي ته ٻارن کي گهر جو ڪم ڪار صبح شام ڪرڻ گهرجي. امريڪا ۾ ڪي اسڪول اهڙا آهن جن ۾ طالب علم پنهنجي گهرج جون شيون سڀ پاڻ تيار ڪندا آهن ۽ علم به حاصل ڪندا آهن. هو سرون وجهي جايون ٺاهيندا آهن ۽ پوک پوکي ان مان ڪپهه، ڀاڄيون ۽ ميوا پيدا ڪندا آهن. ڪپڙا اٽندا، سبندا ۽ ڌوئندا پاڻ آهن. واڍڪو ڪم سکي ڪرسيون ميزون ڪٽون پاڻ ٺاهيندا آهن. يعني علم سکڻ سان گڏ بدني ڪم ڪري تندرستي به ٺيڪ رکندا آهن ۽ هنر سکي دنيا ۾ روزگار ڪمائڻ جا وسيلا به ٺاهيندا آهن. اهڙا ڪم ڪاريون هجن توڙي نه هجن ته به گهمڻ ڦرڻ ڊڪڻ ڊوڙڻ ملهه وڙهڻ ۽ رانديون ڪرڻ به تندرستي لاءِ مفيد آهن.

شاگردن جي اخلاق سڌارڻ لاءِ پهرين ضروري ڳالهه آهي ته معلم پاڻ نيڪ اخلاق هجن پوءِ ٻارن جي عادتن ۽ اخلاقن تي نظر رکن. خصوصن گندو ڳالهائڻ ۽ گارين ڏيڻ کان پاڻ به پرهيز ڪجي ۽ ڇوڪرن کي به انهن ڳالهين کان سختي سان باز رکجي. انهن ڳالهين ۾ وڏي حڪمت رکيل آهي.

روحاني طاقت وڌائڻ لاءِ انهن بزرگن جي صحبت اپنائجي جن جي صحبت ڪري گناهن کان نفرت ۽ چڱن عملن ڪرڻ جو شوق پيدا ٿئي. قرآن شريف ۽ حديثون با معنيٰ پڙهڻ ته گهڻو افضل آهي.

ٻارن جي دماغي طاقت تڏهن تي وڌي جڏهن کين تعليم سوالن جي رستي تي ڏجي. ساڻن گفتگو ۽ بحث مباحثو ڪجي ته منجهن غور ۽ فڪر ڪرڻ جي عادت پيدا ٿئي.

ترقي جو مدار تعليم تي آهي ۽ تعليم جو مدار معلم تي ۽ معلم جو مدار ڪجهه قدر پاڻ تي ۽ ڪجهه قدر سوسائٽي تي. معلم ۾ چار گڻ ضروري آهن. 1- علم جي گهڻائي، 2- محنت، 3- نيڪ اخلاق ۽ چڱي چال ۽ 4- ماڻهن سان رلڻ ملڻ


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

۽ مرڪي پيش اچڻ جي خصلت.

پبلڪ (عوام) تي فرض آهي تہ معلمن کي خوشحال رکڻ لاءِ سندن چڱيون پگهارون مقرر ڪن ۽ کين وڏي عزت سان ڏسن. جيئن اڳي چيو ويو آهي تہ اسان جي ترقيءَ جو مدار معلمن تي ئي آهي. هو ئي اسان جا ليڊر ۽ رهبر آهن يا هئڻ گهرجن. هوئي اسان جا هادي ۽ مرشد آهن. جيستائين پبلڪ معلمن جي قدر شناسي نہ ڪندي تيستائين تعليم جي ترقي ڪانہ ٿيندي ۽ اسان جا ٻار فيض ۽ فائدو ڪو نہ وٺندا.

اسڪول ۾ جيڪڏهن ضابطو ۽ انتظام پورو ناهي تہ تعليم ڏيئي نٿي سگهجي. ان لاءِ هيٺيون هدايتون ضروري آهن.

1) اسڪول جو وقت مقرر ڪجي. ان وقت تي گهنٽي هٽائجي ۽ اسڪول کولجي. معلم کي ڪاڏي ٻاهر وڃڻو هجي تہ هڪ وڏي شاگرد کي مانيٽر مقرر ڪري وڃي جيڪو کين ڪم ۾ مشغول رکي. سڀ ڪنهن درجي کي ڪم مقرر ڪري ڏئي وڃجي. معلم حاضر هجي تہ پوري وقت تي اچي ۽ اجايو وقت نہ وڃائي. وقت جي پابندي سڀ ڪنهن ڪم ۾ ڪاميابي جو پهريون اصول آهي.

2) روزانہ ٽائم ٽيبل مقرر ڪرڻ گهرجي ۽ ان موجب ڪم ڪرڻ گهرجي. هر مهيني جي پهرين تاريخ تي لکي ڇڏڻ گهرجي تہ هيترو ڪم هر درجي ۾ مهيني جي آخر تائين پورو ڪرڻو آهي.

3) ٻارن کي درجيوار قطارن ۾ وهارڻ گهرجي.

4) اسڪول جي جاءِ صاف هوادار ۽ روشنائي واري هجي. ڪن حالتن ۾ تہ وڻن هيٺان ۽ وڏي ديوارن جي ڇانو ۾ ٻاهر پڙهائڻ بهتر آهي.

5) پهريائين ٻارن کي حڪم جي تعميل هڪدم ڪرڻ تي هيرائجي. هن قسم جا حڪم چوڪرن کي گڏي ڏجن ۽ هڪدم تعميل ڪرائجي. اٿي بيهو ويهي رهو ڪتاب ڪڍو، هيٺ رکو، سليٽ ڪڍو، هيٺ رکو. قطار ۾ هيڏي اچو. قطار ۾ موٽي وڃو وغيره وغيره.

6) شاگردن کي مشغول رکجي تہ گوڙ نہ ڪن. هڪڙي ڪلاس کي سبق سيکارجي تہ ٻين کي لکڻ جو ڪم ڏيئي ڇڏجي.

7) درجي درجي جو گڏي ڪم وٺجي. گڏي ڪم وٺڻ جون گهڻيون تجويزون آهن جيڪي چڱن ماسترن وٽ ويهي ڏسڻ گهرجن. گڏي ڪم وٺڻ مان اهو فائدو آهي جو جيڪڏهن ڪنهن درجي ۾ ڏهہ شاگرد آهن تہ ڏهن تي ئي هڪ محنت ڪرڻي ٿي پوي. هر هڪ شاگرد کي ڌار ڌار سبق ڏيڻ سان ڏهوڻي محنت ڪرڻي پوي ٿي.

8) ٻارن کي لکڻ جو ڪم ڏجي تہ اهو لکي سنيالي سليٽون يا پٽيون پاٽيهي هيٺ رکن ۽ پوءِ سامهون نهارين. نڪي ٻين جي سليٽن ڏي نهارڻ گهرجين. نڪي ساٿن ڳالهائڻ گهرجين جيستائين سليٽون سيئي هيٺ رکن.



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

9) پار گهڻو وقت هڪ هنڌ آرام سان ويهي نه سگهندا آهن تنهنڪري ضروري آهي ته اٽڪل چاليهن چاليهن منٽن بعد ڪين پنج منٽ موڪل ڏجي ته ٻاهران گهمي ڦري اچن.

10) جيڪڏهن ڪو ڪلاس استاد ڏي اچي سليٽون يا ڪاپيون ڏيکاري ته هڪ ٻي پٺيان پاٽيهي هلندا اچن ۽ استاد جي سڄي يا کٻي پاسي کان بيهن جنهن کي سليٽ يا ڪاپي واپس ملندي وڃي سو پاٽيهي هلندو وڃي ۽ ٻيو پاٽيهي هلندو اچي.

11) صورتخطي چوڻ ۾ ساڳيو نمونو يا ساڳيا لفظ به ٻيرا نه چئجن. هڪ ڀيرو چوڻ ڪافي آهي. صورتخطي لکائڻ مهل شاگردن کي اصل ڪچڻ نه گهرجي.

هر هڪ ڪم ڪيترو پاڙهجي تنهن بابت هت هدايتون ڏيون ته گهڻي ڊيگهه ٿي پوندي. معلمن کي گهرجي ته سنڌي خواهه انگريزي اسڪولن جي چڱن ماسترن وٽ ويهي سندن پڙهائڻ جو نمونو ڏسن ۽ خانگي طرح ڪانئن پڇن.

پڙهي به ٿي اصول ياد ڪرڻ گهرجن.

1) تڪڙ اصل نه ڪجي. جيستائين ٻار هڪڙي ڳالهه پوريءَ طرح نه سمجهي آهي ۽ نٿو سمجهائي سگهي يا ان تي عمل نٿو ڪري سگهي تيستائين ٻي ڳالهه نه سيکارجي. جيستائين سڪيل حرف يا لفظ لکي ۽ سمجهائي نٿو سگهي تيستائين ٻيو نه سيکارجي. جيترو بنياد پڪو ڪبو ۽ وري وري دور ڪرائبو اوترو فائدو ٿيندو.

2) طوطي وانگر پڙهائڻ ڦٽي ڪجي. سوالن جوابن، گفتگو ۽ بحث مباحثي جي نموني تعليم ڏجي. انهيءَ لاءِ ته سڀ ڪنهن مسئلي تي پهريائين شاگرد پنهنجو خيال ۽ خوض هلائي. لفظن سان ڪم ناهي. مقصد اهو آهي ته شاگرد کي اها ڳالهه دل سان لڳي ۽ وسهڻ ۾ اچيس.

## سڄي ڪتاب جو خلاصو

تواريخ جو علم ترقي لاءِ نهايت ضروري آهي. خصوصن اسلام جي تاريخ ضرور پڙهڻ گهرجي.

ڪنهن به زبردست عالم کي گهرجي ته قرآن شريف جي سيني تفسيرن تي تبصرو ۽ ريويو ڪري ۽ پڻ اوائلي زماني کان وٺي اج تائين اسلامي عقيدن خيالن ۽ رسمن ۽ تبديلن ٿيڻ جي هسٽري تيار ڪري، ظاهر آهي ته سندن عقيدا، خيال، رسمون، عمل وغيره اصحابن سڳورن جي زماني وران ڪان گهڻو مختلف ٿي ويا آهن.

عقل، دين کي سمجهڻ لاءِ، ان تي عمل ڪرڻ ۽ ٻين کي دين سيکارڻ لاءِ نهايت ضروري آهي.

اجتهاد جو دروازو نڪو ڪڏهن بند ٿيو آهي نڪي ٿيندو. تقليد ڪرڻ ۽ اجماع امت تي هلڻ ضروري آهي، پر ڪن شرطن سان. ضروري شرط هي آهي ته هر سال


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

وڏن عالمن جي ڪانفرنس ٿيڻ گهرجي نہ تہ جاهلن جا خيال ۽ ڪتاب بہ رواج ۾ اچي تا وڃن. پوءِ انهن کي اجماع امت سمجهيو ٿو وڃي.

اسلام اهو مذهب آهي جو ڪامل عقل تي مبني آهي ۽ ان تي عمل ڪرڻ تي اسان جي بهبودي ۽ ترقي جو مدار اهي.

دنيا ۾ گناهن کان بچڻ ۽ چڱن عملن ڪرڻ لاءِ رڳو عقل ڪافي ناهي. روحاني جذبي کي زور وٺائڻ ۽ ان سان عقل کي شامل ڪرڻ سان ئي ماڻهو ترقي ڪري سگهي ٿو. اڄوڪا تعليم يافتہ چوندا آهن تہ نماز روزو وغيره جو ضرور ڪهڙو آهي؟ ڪين خبر بہ آهي تہ دنيائي ڪمن ۾ ڪاميابي لاءِ Discipline and self control ضابطو ۽ انتظام ۽ پاڻ کي وس ۾ رکڻ جي ضرورت آهي. نماز ۽ روزو ٻين سون فائدن سان گڏ اعليٰ درجي جيڪي ڊسپلن ۽ سيلف ڪنٽرول تا سيکارين. ازانسواءِ نماز ۽ روزا روحاني جذبي کي تقويت تا وٺائن ۽ هر وقت الله تعاليٰ ۽ سندس حڪمن جي يادگيري تا ڏيارين. ڪي مخبري خيالن وارا ماڻهو تہ اصل دين ڌرم جي ضرورت ئي ڪا نہ تا سمجهن. بلڪ چون تا تہ دنيا ۾ دين ۽ ڌرم جي ڪري جيڪي فساد فتنا، جنگيون ۽ جهڳڙا پيا ٿيا آهن ۽ ٿيندا رهن تا تهڙا ٻي ڪنهن بہ سبب کان ڪونہ ٿيا آهن. اها ڳالهہ شايد برابر بہ نہ هجي پر اهي فساد وغيره هميشہ دين جي نہ سمجهڻ ڪان پيا ٿيا آهن. سچو دين اٽلندو انهن ڳالهين جي پاڙ پٽيندڙ آهي. حقيقت ۾ مذهب کان سواءِ انسان شتر بي مهار آهي. جيئن ناڪيلي ڪان سواءِ اٺ سڌو نہ هلندو ۽ جئن ٻيڙي سڙهہ کان سواءِ سڌي نہ هلندي تيئن روحاني جذبي کان سواءِ انسان ڀٽڪي ڀٽڪي تباهہ ٿيندو، جو تہ شريف روحاني جذبي جي اڻ موجودگي جي ڪري هو شيطاني جذبي جي غلبي هيٺ اچي هلاڪ ٿي ويندو. اڄوڪن بزرگن جو تسبي ۽ گوشہ نشيني تي زور آهي. مگر اڳوڻن بزرگن جو خاصو هو دنيا ۾ عمل ڪري ڏيکارڻ ۽ اعليٰ اخلاق رکڻ ۽ قوم جو فائدو ڪرڻ.

اسلامي احڪامن تي اڄ ڪلهہ عمل اهڙيءَ طرح ڪيو ٿو وڃي جو انهن جو مقصد يا فائدو حاصل ڪونہ ٿو ٿئي. گويا اسلام جو پاڇو وڃي بچيو آهي. بلڪ بدعتون ۽ بدرسمون جاري ٿي ويون آهن. قرآن شريف کي هڪ بي معنيٰ منتر سمجهيو وڃي ٿو. ويچارن جاهل مسلمانن ۾ دين جو ايڏو شوق آهي جو ڪروڙين مسلمان صبح جو اٿي قرآن شريف جو دور تا ڪن ۽ اسر جو يا سمهڻ وقت هڪ قسم جو ذڪر تا ڪن. جيڪڏهن عالمن ۾ ڪجهہ بہ فهم هجي ها تہ ماڻهن کي سمجهائين ها تہ معنيٰ سان قرآن شريف موجود آهن. صبح جي وقت جڏهن قرآن شريف جو دور ڪيو تا تڏهن معنيٰ کي ڏسو. ڏهہ رڪوع بي معنيٰ پڙهي وڃو، تنهن کان هڪ آيت معنيٰ سان پڙهو ۽ سمجهو تہ گهڻو بهتر اٿو. صلواتن ۽ وظيفن پڙهڻ ۾ ۽ ٻين ڪن ڪمن ۾ افراط ۽ تفريط کان پاسو ڪجي. سيني ڪمن ۾ اهو ئي نمونو وٺجي جو اصحاب سڳورا وٺندا هئا.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڪن مسئلن تي راءِ زني ڪرڻ يا انهن جي سمجهڻ ۾ هن اصول کي نه وسارجي ته سڀ ڪنهن ڪم ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ لاءِ دنيوي طرح ڪوشش ڪرڻ به ضرور آهي ۽ ان سان گڏ الله تعاليٰ جي مدد گهرڻ به ضروري آهي. ليس للانسان الاماسعيٰ.

الله تعاليٰ دين ۽ ديني هدايتون ان لاءِ ڏنيون آهن ته اسان گناهن کان بچون ۽ چڱا عمل ڪيون، هڪ ٻئي کي فائدا ڏيون، پاڻ کي پاڪ رکون ته جيئن فلاح پايون ۽ الله تعاليٰ جو راضپو حاصل ڪري ڪائنس الهامن پهچڻ جا لائق ٿيون. الله تعاليٰ دين ۾ اسان لاءِ آسانيون ۽ فائدا رکيا آهن نه تڪليفون ۽ نقصان.

شفاعت برحق آهي. پر شفاعت مومنن لاءِ آهي. انهن مومنن جي لاءِ جيڪي هر طرح اسلام تي هلڻ جي ڪوشش ڪندا تا رهن. پوءِ به اهي شفاعت جو حق ڇڪي نٿا سگهن، مگر شفاعت جي اميد رکي سگهن ٿا. پوءِ پاڻ ﷺ جن شفاعت ڪن يا نه ڪن.

ڪوڙي تصوف اسلام کي بگاڙي ڇڏيو آهي ۽ مسلمانن کي سچي اسلام کان بلڪل پري اڇلائي ڇڏيو آهي.

معجزا ۽ ڪرامتون برحق آهن. پر انهن کي ڪنهن به قسم جو وزن ڏيڻ نه گهرجي ڇو ته يوگ ۽ مسمريزم وارا به خرق عادت جهڙا ڪم ڪري سگهن ٿا. سچن بزرگن جي سڃاڻڻ جون نشانيون هيون آهن سچا بزرگ اهي آهن جيڪي پنهنجي روزگار لاءِ ڪمائي ڪن ۽ سخاوت ڪن، وٺڻ بدران ڏين ۽ قوم جي بهتريءَ لاءِ خود قربانيون ڪن. وڏي نشاني هي آهي ته انهن جي صحبت جي ڪري گناهن کان باز اچجي ۽ چڱن عملن ڪرڻ جو شوق پيدا ٿئي.

قبا ناهڻ نه گهرجن. ان جي بدران تعليم تي پيسا خرچ ڪرڻ گهرجن. قبرن جي زيارت ۾ ثواب آهي، پر وڏيون تڪليفون ڪري دور دراز مسافريون ڪري قبرن تي وڃڻ نه گهرجي.

ملن جو فرقو هئڻ ئي نه گهرجي. نڪي پيرن جو فرقو هئڻ گهرجي. اسان کي گهرجي ته انهن معلمن کي مان ۽ عزت ڏيون ۽ پگهارون مقرر ڪري ڏيون جيڪي اسان کي ۽ اسان جي اولاد کي تعليم ڏين ۽ پڻ انهن عالمن کي عزت ڏيون جيڪي اسلام تي عمل ڪندڙ ۽ مسلمانن کي حق ڏانهن سڏيندڙ هجن. جيڪڏهن تعليم جي ڪم ڪرڻ ڪري هنن کي سادي گذران هوندي به روزگار جي تنگي تي رهي هجي ته انهن جي مدد به ڪرڻ گهرجي ڇو ته اها مدد انهن لاءِ ناهي پر قوم جي لاءِ آهي. مسڪين طالبن کي مدد ڪرڻ ۾ به وڏو ثواب آهي.

قرآن شريف کي منسوخ سمجهڻ ۾ وڏو نقصان آهي. اهو خيال بلڪل غلط آهي ته ”اسان جي عملي هدايت لاءِ فقه ڪافي آهي ۽ قرآن شريف فقط تبرڪن، پڙهڻ گهرجي.“ نجدي غلطين کان خالي ڪو نه آهن، پر عمل تي جيترو انهن جو زور آهي ۽ جيتري قدر هو قرآن شريف ۽ حديث ۽ شرعي قانون تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش ٿا


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڪن تن جيترو ٻي ڪا به قوم ۽ ڪا به اسلامي رياست ڪا نه تي ڪري.

ڪتابن يا شخصن يا فرقن يا غير مذهب جي ماڻهن تي راءِ زني ڪرڻ ۾ ڦهريائين سندن خوبين تي زور ڏجي نه عيب جوئي تي. پوءِ جيڪڏهن عيب جوئي ڪجي ته بلڪل تهذيب جي نموني ڪجي. اهڙي نموني جو خود انهن ماڻهن تي به چڱو اثر پوي. عيب جوئي انهيءَ نيت سان ڪجي ته اهي ماڻهو راه راست تي اچن ۽ ٻيا ماڻهو سندن غلطين کان احتراز ڪن. تعصب ڪرڻ بلڪل ڇڏي ڏجي. سڀ ڪنهن قسم جي ماڻهن سان خنده پيشاني سان ملڻ گهرجي. فقط انهن ماڻهن کان منهن موڙجي جيڪي بدڪار بدگفتار ۽ فسادي هجن ۽ سمجهائڻ سان به نه مڙن.

مسلمانن ۾ جيڪي ٿي فرقا آهن تن کي هڪ ڏاڪي ۾ آڻڻ جي هر طرح ڪوشش ڪرڻ گهرجي ۽ اختلافن هوندي به سيني کي گڏجي نماز پڙهڻ گهرجي ۽ اهڙا ٻيا ضروري ڪم گڏجي ڪرڻ گهرجن.

اسلامي ڪتب خانن جو اهتمام ضرور ڪرڻ گهرجي. علم اسلام جو بنياد آهي. دنيوي خواه ديني تعليم تي ئي اسلام جو سچو مدار آهي.


www.sindhsalamat.com
سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# اسلام ڇا آهي؟

بسم الله الرحمٰن الرحيم نحمده و نصلي علي رسوله الڪريم

**اسلام ڇا آهي؟**

انهيءَ سوال جو مختصر جواب هي آهي تہ اسلام اهو دين آهي جو قرآن شريف ۾ سيکاريل آهي. جو شخص قرآن شريف جو اڀياس ڪندو ۽ پيغمبر ﷺ جي سوانح عمري مان اها واقفيت حاصل ڪندو تہ ڪهڙي طرح پاڻ قرآن شريف جي حڪمن تي عمل ڪيائون، تنهن کي اسلام جي چڱي خبر پئجي ويندي. هن ننڍڙي ڪتاب ۾ بلڪل مختصر طور اسلام جي تعليمات جو بيان ٿو ڪجي.

**اسلام ذات انسان جو دين آهي**

”اسلام“ انهيءَ دين جو نالو آهي جو حضرت رسول ﷺ تيرهن سو ورهيہ اڳي سيکاريو. مغرب ۾ هن مذهب کي ”محمدي مذهب“ سڏيو وڃي ٿو، جيئن عيسائي مذهب ۽ ٻڌ ڌرم حضرت عيسيٰ عليہ السلام ۽ گوتم ٻڌ جي نالن پنيان سڏجن ٿا. مگر پاڻ مسلمان پنهنجي مذهب کي ڪڏهن انهيءَ نالي سان نہ سڏيندا آهيون. قرآن شريف موجب ”اسلام“ جي معنيٰ ايترو وسيع آهي جيترو ذات انسان. اهو دين حضرت محمد ﷺ جي سيکارڻ کان شروع ڪو نہ ٿيو، پر اڳواٽن نبين جو بہ اهو ئي دين هو. حضرت آدم، حضرت نوح، حضرت ابراهيم حضرت موسيٰ ۽ حضرت عيسيٰ عليهم السلام جو دين بہ اسلام هو، در حقيقت خدا جي سڀ ڪنهن رسول جو (جو دنيا جي ڪنهن بہ حصي ۾ پيدا ٿيو) دين اهو ئي هو. بلڪ حضرت جن جي قول موجب سڀ ڪنهن نئين ڄاول ٻار جو دين اسلام آهي. حضرت جن انهيءَ دين جو بنياد وجهندڙ نہ هئا مگر آخري سيکاريندڙ هئا، ۽ سندن رسالت ۾ دين کي ڪامل ڪيو ويو جيئن قرآن شريف ۾ فرمايل آهي، ”اَلۡيَوۡمَ اَكۡمَلۡتُ لَـكُمۡ دِيۡنَكُمۡ وَاَتۡمَمۡتُ عَلَيۡكُمۡ نِعۡمَتِىۡ- قرآن شريف جي تعليم موجب اسلام انسان جو فطرتي دين آهي سوره الروم جي ٽيهين آيت ۾ هي لفظ آيل آهن، ”اها الله تعاليٰ جي بنايل فطرت آهي جنهن ۾ انسان کي



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

خلقيائين، خدا جي بنايل فطرت ۾ ڪا بہ ڦيرڦار ٿيڻ نہ ڏيو. اهو ئي آهي سچو دين.“ جيئن تہ قرآن شريف موجب نبي سڳورا مختلف قومن ۾ مختلف وقتن تي پيدا ٿيا ۽ جيئن تہ سڀ ڪنهن نبي سڳوري جو دين اوائلي پاڪيزگي ۾ اسلام ئي هو، هن دين جو دائرو ڪيترو پنتي ٿو وڃي ۽ ايترو وسيع آهي جيترو خود انسان ذات. مکيہ اصول ساڳيا ئي هوا، جيڪڏهن ڪو فرق هو تہ رڳو ظاهري حالتن ۾ جي انسانن جي ڦرنڌڙ ضرورتن لاءِ ڦيرايون ويون ٿي. اسلام جي آخري صورت اها آهي جا دنيا ۾ خاتم النبين ﷺ جي اچڻ بعد قائم ٿي.

## لفظ ”اسلام“ جي ڪيفيت

ٻين مذهبن تي نالا انهن ماڻهن رکيا جن اهي دين قبول ڪيا، مگر اسان جي دين تي نالو ”اسلام“ مسلمانن پاڻ ڪو نہ رکيو. اهو نالو چڱيءَ طرح سان قرآن شريف ۾ ڏنل آهي. سوره المائده جي ٽين آيت ۾ فرمايل آهي تہ ”اڄ مون اوهان جي واسطي اوهان جو دين ڪامل ڪيو، اوهان تي پنهنجي نعمت پوري ڪيم ۽ اوهان جي واسطي دين اسلام پسند ڪيم“ وري سوره آل عمران جي ارڙهين آيت ۾ آيل آهي تہ: ”تحقيق خدا وٽ سچو دين اسلام آهي.“

اهو نالو هن دين واسطي بہ وري ڏاڍو موزون ۽ پر معنيٰ، ڇو تہ لفظ اسلام در حقيقت هن دين جو جوهر ٿو ڏيکاري. انهيءَ لفظ جي اصلي معنيٰ آهي صلح ڪرڻ، اسلام ۾ صلح جي متي جي خاص طرح تعليم ڏنل آهي. قرآن شريف موجب مسلمان اهو آهي جنهن خدا سان ۽ انسان سان، خالق سان صلح جي معنيٰ آهي خدا جي مرضيءَ جي پوري پوري تابعداري ڇو تہ سڀ پاڪائي ۽ نيڪيءَ جو منبع الله تعاليٰ ئي آهي. انسان سان صلح جي معنيٰ آهي ذات انسان سان ڀلائي ڪرڻ. اهي ٻئي خيال قرآن شريف ۾ نهايت مختصر طور پر بلڪل سهڻي نموني ۾ ظاهر ڪيل آهي. سورة البقره جي 112 آيت ۾ فرمايل آهي تہ جو شخص الله تعاليٰ جي پوري طرح تسليم ٿو ڪري ۽ ٻين سان ڀلايون ڪندڙ آهي تنهن کي الله تعاليٰ وٽان اجر ٿو ملي، هن کي ڪو خوف خطرو ڪونهي نڪي هو ڪو ڏک ڏسندو.“ قرآن شريف موجب نجات (ڇوٽڪارو) اها آهي تہ ڪا ٻي. جيئن تہ ڪوئي بہ مسلم پوري صلح ۾ آهي تنهنڪري هن کي دل جو ڪامل آرام ۽ خوشي حاصل آهي. ”صلح“ جي لفظ ”السلام عليڪم“ سان مسلمان هڪ ٻئي کي ملن يا ڪيڪارين ٿا، ۽ بهشت ۾ بہ هڪ ٻئي کي ”صلح“ لي لفظ سان سلام ورائيندا. سورة يونس جي ڏهين آيت ۾ آيو آهي تہ ”ان ۾ هن جو سلام ٿيندو“صلح“ . بلڪ قرآن شريف جي بيان ڪيل بهشت ۾ ”صلح صلح“ کان سواءِ ٻيو ڪو لفظ ٻڌڻ ۾ ئي ڪو نہ ايندو. سورة الواقعہ جي 25 ۽ 26 آيت ۾ جي لفظ آيل آهن تہ ”ان ۾ هو اجائي بڪ بڪ ۽ بيهودا لفظ نہ ٻڌندا سواءِ ”صلح صلح“


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

جي. الله تعاليٰ جو هڪڙو صفاتي نالو ”صلح ڪرائيندڙ“ بہ آهي. (سورة 59 ۽ آيت 23) ۾ جنهن مقصد ڏانهن انسان کي نئين ٿو تنهنجو نالو بہ ”صلح جو مڪان“ آهي جيئن تہ سورة ڏهين آيت 25 ۾ آيو آهي تہ الله تعاليٰ ”صلح جي مڪان“ ڏانهن ٿو سڏي. تنهنڪري صلح دين اسلام جو جوهر آهي: صلح پاڙ آهي جنهن مان اسلام ايري ٿو، ۽ ميوو آهي جو ان درخت مان پيدا ٿئي ٿو، تنهنڪري اسلام ”صلح جو دين“ آهي.

## اسلام جي يگاني خصوصيت

اسلام جي وڏي خصوصيت اها آهي جو هو سيکاري ٿو تہ دنيا جا سيئي مکيہ مذهب جي ان کان اڳ رائج هئا الله تعاليٰ وحي جي معرفت سيکاريا هئا. اهڙي طرح اسلام (جيئن اڳئي ڏيکاريو ويو آهي تہ ان جي معنيٰ صلح ڏي اشارو ٿي ڪري) دنيا جي سيني مذهبن جي وچ ۾ صلح ۽ ناهہ جو بنياد وجهڻ لاءِ آيو. مگر اسلام جو اعليٰ مقصد رڳو اهو نہ هو تہ ڪو فقط اهو سچو سبق سيکاري پر اهو بہ هو تہ اهي غلطيون جي گهٽي عرصي کان سڌاري نہ ٿيڻ ڪري مذهبن ۾ داخل ٿي ويون هيون، تن کان حق کي ڌار ڪري: ۽ اهي سچا سبق سيکاري جي اڳ سيکاريل نہ هئا يا قومن جي خاص حالتن جي ڪري يا انهن جي ابتدائي حالت ۾ هجڻ جي ڪري انهن کي سيکارڻ ضروري هئا. سيني کان مکيہ ڳالهہ اها هئي تہ اسلام اهي سيئي سبق هڪ ڪتب ۾ جمع ڪيا جي ڌار ڌار وحيءَ جي معرفت دنيا ۾ موجود هئا، ۽ ترقي ڪندڙ انسان جي سيني اخلاقي ۽ روحاني ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ ڪامل هدايتون بخشيون تنهن ڪري اسلام انهيءَ خصوصيت جي دعويٰ ٿو ڪري تہ قرآن شريف ۾ خدا تعاليٰ جون آخري ۽ ڪامل هدايتون سمايل آهن. ۽ ٻين مذهبن سان اسلام اها مشابهت ٿو رکي تہ هي بہ انهن وانگر وحي جي معرفت سيکاريل آهي. مگر تفاوت هي آهي تہ اسلام خدا جو آخرين ۽ ڪامل پيغام آهي. تنهنڪري محمد مصطفيٰ ﷺ کي 33 سورت جي 40 آيت ۾ خاتم النبين (نبين جي مهر) جو لقب مليل آهي، ۽ لم يکن واري سورة ۾ قرآن شريف بابت هي لفظ آيل آهن. ”پاڪ صفحا جن ۾ سڀ سچا ڪتاب سمايل آهن.“

## اسلام هڪ تواريخي مذهب آهي

هڪ وڏيڪ خصوصيت جا اسلام ۾ آهي سا پڻ هتي بيان ٿي ڪجي. اسلام بلاشڪ هڪ تواريخي مذهب آهي ۽ ان جو آخري سيکاريندڙ هڪ تواريخي شخص آهي. پيغمبر ﷺ جي حياتيءَ جو هر هڪ واقعو پوريءَ تحقيق سان تاريخ طور درج ٿيل آهي ۽ قرآن مجيد جو اسلام جي سيني روحاني، اخلاقي ۽ معاشرتي قانونن جو


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

منبع آهي، تنهنجي محفوظيت يگاني آهي. يعني الاهي ڪلامن مان فقط قرآن مجيد بنا تبديل جي محفوظ رهيو آهي. جنهن صورت ۾ هي خدا جو وحي يا ڪلام اسان جي روحاني ۽ اخلاقي بهبودي لاءِ صدين کان صحيح سلامت محفوظ اسان وٽ موجود آهي ۽ جنهن صورت ۾ نبي ڪريم ﷺ، جنهن جي دنيائي زندگي جا مختلف عمل، قول، رَوَشون ۽ آزمودا انسان جي سڀ ڪنهن قسم جي زندگي لاءِ بهترين عملي سبق سيکارين ٿا تنهنجو مثال اسان جي اکين اڳيان رکيو آهي ۽ تنهن صورت ۾ سڀ ڪنهن مسلمان کي يقين آهي تہ هن ڪنهن بہ نيڪي جي مخالفت ڪا نہ ڪئي آهي جا ڪنهن بہ نيڪ انسان جي زندگيءَ ۾ عمل آئي هجي. تنهنڪري هو نہ رڳو سيني خدائي وحين جي سچائي ۾ ايمان ٿو آڻي ۽ سيني قومن جي مقدس رهبرن کي قبول ٿو ڪري پر آخرين ۽ مجمل ڪتاب تي هلڻ سان هو سيني اڳوڻن وحين جي دائمي سبقن تي قدم ٿو کڻي ۽ اسوة حسنہ (بهترين نموني) جي پيروي ڪرڻ سان هو سيني نيڪ انسانن جي زندگيءَ جي سيني نيڪين جو مثال وٺي انهن جي نقش قدم تي هلي ٿو.

## اسلام جا مکيہ اصول

اسلام جا مکيہ اصول قرآن شريف جي شروعات ۾ ئي ڏنل آهن. قرآن شريف هنن لفظن سان شروع ٿئي ٿو: ”هي ڪتاب، انهيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونهي، انهن لاءِ هدايت آهي جي گناهن کان پاڻ کي بچائين ٿا. جي غيب ۾ ايمان آڻين ٿا ۽ نماز قائم ڪن ٿا ۽ جيڪي اسان ڪين ڏنو آهي تن مان فراخدلي سان سخاوت ڪن ٿا. ۽ جي اڳوڻن وحين تي ۽ جيڪي تو تي نازل ڪيو ويو آهي تنهن تي ايمان آڻين ٿا ۽ هو آخرت ۾ يقين سان ويساه رکن ٿا.“ هي آيتون اهي مکيہ اصول ڏيکارين ٿيون جي قرآن شريف جي مڃيندڙن کي ضرور قبول ڪرڻا آهن. هنن ۾ ٽي مکيہ عقايدي مسئلا ۽ ہ مکيہ عملي مسئلا بيان ڪيل آهن. يعني ٽي اعتقادي ۽ ہ عملي قانون. هنن پنجن ڳالهين تي جدا جدا بحث ڪرڻ کان اڳ اِها ڳالهہ ڏيکارڻ ضرور آهي (جيئن انهي آيت ۾ اشارو آهي) تہ اسلام ۾ فقط عقيدو ڪنهن بہ ڪم جو نہ آهي جيستاءِ ان کي عمل ۾ نٿو آڻجي قرآن شريف ۾ نيڪ ٻانهن جي بيان ۾ بار بار هي لفظ آيل آهن تہ ”اهي جي ايمان ٿا آڻين ۽ چڱايون ٿا ڪن.“ سچو ويساه هڪڙو سنو ٻج آهي جو وڏي چڱو وڻ تڏهن ٿيندو جڏهن هن کي زمين مان خوراڪ ملندي. اها خوراڪ آهي چڱا ڪم. هنن پنجن اصولن بہ نسبت هڪڙي ٻي ڳالهہ ياد رکڻ گهرجي تہ اهي پنجئي اصول هڪ تہ ٻي صورت ۾ سڄي ذات انسان جا قبول ڪيل آهن. اهي پنج اصول جيئن مٿين آيتن ۾ بيان ڪيل آهن هي آهن (1) خدا تعالىٰ (غيب) ۾ ويساهہ (2) وحي ۾ ويساهہ ۽ (3) آخرت ۾ ويساهہ ۽ (4) نماز، جنهن مان خدا جي محبت ٿي اٿي، ۽ (5)


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

سخاوت سڀ کنهن قسم جي. سخاوت لفظ جي معنيٰ بلڪل وسيع آهي جنهن ۾ سڀ ڀلايون يعني چڱايون اچي ٿيون وڃن. پهريون عملي اصول آهي سخاوت، يعني انسان ۽ ٻي خلق جا حق ادا ڪرڻ. هي پنج اصول عقائدي ۽ عملي دنيا جي سيني قومن جا قبول ڪيل آهن ۽ اهي عام اصول آهن جن تي سيني مذهبن جو بنياد ٻڌل آهي. در حقيقت هي پاڪ دين اسلام جا پنج مکيه اصول انساني فطرت ۾ اڪريل آهن. هاڻي جيئن قرآن شريف ۾ بيان ڪيل آهن تئين هنن اصولن جو جدا جدا تفصيل وارا بيان ڏجي ٿو.

## اسلام ۾ الله تعاليٰ جي وجوديت جي ڪيفيت

جيڪي ٽي مکيه اعتقادي اصول آهن تن مان بهترين آهي الله تعاليٰ ۾ ايمان آڻڻ. تاريخ مان معلوم ٿو ٿئي ته انسان تمام اوائلي زماني کان وٺي اڄ تائين ڪنهن بالائي طاقت ۾ (ڏسڻ کان سواءِ) ويساه رکندو پيو آيو آهي؛ مگر مختلف قومن مختلف وقتن ۾ ۽ مختلف خيال پيو رکيا آهن. اسلام انهيءَ خدا جي وجوديت ٿو سيڪاري جو قبيلن جي ديوتائن ۽ قومي خدائن جي باطل خيال کي ميساري ٿو ڇڏي. اسلام ۾ بيان ڪيل خدا ڪنهن خاص قوم جو خدا نه آهي جو فقط ان قوم جي نگهباني ڪندڙ هجي. قرآن شريف جي پهرين ئي لفظن ۾ آيل آهي ته الله تعاليٰ سيني جهانن ۽ سڀ خلق جو رب آهي؛ اهڙي طرح قرآن شريف الله تعاليٰ جي ربوبيت کي وسيع ڄاڻائي انسانن جي ڀائپي جي دائره کي ايترو وسيع ٿو ڪري جو ان ۾ دنيا جون سڀ قومون اچي ٿيون وڃن، ۽ انساني همدردي جو دائرو به وسيع ٿو ٿئي. توحيد اهو اعليٰ موضوع آهي جنهن تي قرآن شريف تمام گهڻو زور ڏنو آهي. خدائي فطرت ۾ پوري پوري ايڪائي آهي؛ ان ۾ شراڪت يا ڪثرت کي دخل بلڪل ڪونهي. الله تعاليٰ جي صفتن مان سڀ کان مکيه صفت آهي ايڪائي. خدا تعاليٰ سان ٻئي ڪنهن جي شراڪت کي اسلام بلڪل رد ٿو ڪري، سڀ اعليٰ ترين ۽ ڪامل صفتون الله تعاليٰ جون آهن مگر رحمت جي صفت سيني جي مٿان سوار آهي. قرآن شريف جي سيڪا سورة الرحمن ۽ الرحيم جي نالن سان شروع ٿي ٿئي، انهن لفظن ۾ جيڪا الله تعاليٰ جي وسيع رحمت سمايل آهي سا ڪنهن به ٻولي ۾ انهن لفظن جي ترجمي ڪرڻ سان معلوم ڪين ٿي سگهندي. ٿين سورة جي 156 آيت ۾ فرمايل آهي ته منهنجي رحمت سيني شين کي وڪوڙيل آهي، تنهن ڪري انهي رسول (ﷺ) کي جنهن الله تعاليٰ جون اهي صفتون بيان ڪيون قرآن شريف ۾ رحمة العالمين سڏيو ويو آهي. ائين ممڪن ئي ڪين هو ته توحيد جو سيکاريندڙ عظيم النسان اهڙي خدا کي خيال ۾ آڻي جو سڀ شي ۽ سڀ خلق جو خالق نه هجي. الله تعاليٰ جي طاقت ۽ علم ۾ اهڙو نقص الله تعاليٰ عظيم سان ڪامل ۽ قدرت جو بنياد ڊاهي وجهي ها. تنهن ڪري


www.sindhsalamat.com



Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

اسلام جو ٻين مذهبن وانگر الله تعاليٰ جي وجوديت تي ٻڌل آهي، ٻين مذهبن کان هن ڳالهه ۾ تفاوت ٿو رکي ته هو پوري پوري توحيد ٿو سيکاري ۽ الله تعاليٰ جي طاقت ۽ علم جي ڪا حد مقرر نه ٿو ڪري.

## توحيد

الله تعاليٰ جي هيڪڙائي جيئن اڳئي چيو ويو آهي، قرآن شريف جو عظيم ۽ سڀ کان مکيه موضوع آهي. ان مر خالق جي هيڪڙائي سمجهائڻ لاءِ بار بار فطرت جي قانونن، انساني طبيعت ۽ اڳوڻن نبين جي تعليمات ڏي ڌيان ڇڪايو ويو آهي. بيشمار آسماني سيارن ۽ ستارن جي خلقت تي غور ڪري ڏسو: ڪيترن ئي ظاهري مختلف حالتن هوندي به هڪڙي ۽ ساڳئي قانون هيٺ پنهنجو پنهنجو ڪم پيا ڪن. وري جيڪي ڌرتيءَ تي جاندار توڙي بيجان شيون ڏسو پيا، نباتات خواه حيوانات، ڌرتي، سمنڊ، نديون ۽ اوچا جبل، انهن سڀني تي غور ڪريو ته انهيءَ ڪثرت ۾ وحدت پئي ڏسجي. خود پنهنجي پيدائش يا حالت کي ڏسو، توهان جا رنگ ۽ توهان جون ٻوليون ڪيئن نه جدا جدا آهن: انهن تفاوتن هوندي به توهان سڀ هڪ جنس (يعني انسان) آهيو. هستي ۾ جيڪي ئي شيون آهن جو ٺاهڻ ۽ وري ڊاهڻ، خلقڻ ۽ وري خلقڻ، جنهن جو سلسلو هڪ گهڙي به بند نه ٿو ٿئي، انهيءَ سڀ ۾ ساڳيو ئي هڪ قانون ڪم پيو ڪري. جيڪڏهن فطرت منجهه چٽيءَ طرح ڪثرت ۾ وحدت پئي ڏسجي ته پوءِ انهيءَ ۾ توهان کي خالق ۽ مالڪ جي هيڪڙائي جا چٽا نشان ڪين ٿا ڏسڻ ۾ اچن؟ وري انساني فطرت جي اڻ گس شاهدي ڏسو، ڪي انسان اگرچه گهڻن خدائن ۾ ويساهه ٿا رکن ته به انهي ڪثرت ۾ ئي وحدت کي قبول ٿا ڪن. اهڙي طرح هو خدا جي هيڪڙائي جو پورو پورو ثبوت ڏين ٿا. ڪتابن جا پنا ورائي ڏسو، سڀني قومن جي روحاني رهبرن جون تعليمات جانچي ڏسو، سيئي الله تعاليٰ جي هيڪڙائي جي شاهدي ٿا ڏين. مطلب ته فطرت جا قانون انسان جي طبيعت ۽ گهڻو ڪري سڀني زمانن جي مذهبي رهبرين جي شاهدي هڪ ئي آواز سان الله تعاليٰ جي توحيد جو اظهار ٿا ڪن، ۽ اها توحيد اسلام جي روحاني تعليمات جو بنيادي متو آهي.

## وحي

اسلام جو ٻيو مکيه متو آهي وحي ۾ ايمان آڻڻ. اسلام نه رڳو قرآن شريف ۾ پر جيڪا به وحي دنيا جي سڀني قومن ۽ سڀني زمانن ۾ نازل ٿي تن سڀني ۾ به ويساهه رکڻ لازمي جز قرار ڏئي ٿو. سڀني خدائي مذهبن جو بنياد وحيءَ آهي، پر انهيءَ متي کي ڪي ماڻهو ڪنهن حد تائين موقوف رکن ٿا. ڪن مذهبن جا ماڻهو سمجهن ٿا ته



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

وحي فقط هڪ پيرو نازل ٿي، ٻيا وري پائن ٿا ته وحي فقط هڪ قوم تي ٿي لهي، ڪي وري ڪنهن خاص وقت کان پوءِ وحي جو دروازو بند ٿا سمجهن. وحي جي باري ۾ به اسلام اهڙي وسعت سيکاري جهڙي خدا تعاليٰ جي صفتن جي ڪي باري ۾. قرآن شريف وحي جي باري ۾ ڪابه حد، وقت يا قوم مقرر نٿو ڪري جو فقط هڪ وقت ۽ هڪ قوم تي وحي نازل ٿي هجي. ان ڪي ڏيکاريل آهي ته سڀ ڪنهن قوم تي ڪنهن نه ڪنهن وقت وحي نازل ٿي هو. وحي جي مدد کان سواءِ خدا سان ميلاپ حاصل ٿي نه ٿو سگهي، تنهنڪري ضروري هو ته قادر ڪريم، جو سڄي دنيا جو رب آهي ۽ سيني ماڻهن جون بدني ضرورتون پوريون ٿو ڪري سو سيني کي روحاني نعمتون به بخشي. تنهنڪري هن متي جي حالت ۾ به اسلام ٻين مذهبن وانگر خدائي وحي ۾ ويساهه رکڻ سيکاري ٿو، مگر ان کي ڪنهن وقتي يا مڪاني حد تائين موقوف نٿو رکي. تنهنڪري اسلام ائين به ٿو سيکاري ته اگرچه حضرت محمد ﷺ کان پوءِ ڪنهن به نبيءَ جي ضرورت ڪانه رهي آهي، ڇو ته سندن اچڻ سان دين ۽ ديني قانونن کي ڪماليت ملي چڪي؛ مگر وحي جو دروازو اجا به کليل آهي ۽ ڪنهن به سچي مسلمان کي قرب حاصل ٿي سگهي ٿو. هي خيال احمدي فرقي جي ماڻهن جو آهي. مگر جيڪڏهن وحيءَ جي بدران الهام چئجي ته پوءِ مسلمانن جي ڪنهن به فرقي کي اعتراض جو سبب ڪونهي.

خدائي وحي به نسبت هڪ ٻي ڳالهه به آهي جنهن ۾ اسلام ڪن ٻين مذهبن سان اختلاف رکي ٿو. خدا تعاليٰ جو اوتار جي شڪل ۾ آٽڻ سان نٿو ملي پر انسان کي رفته رفته متي خدا ڏي چڙهڻ سان جو چڙهڻ نيچ ارادن ۽ شهواني خواهش کان پاڻ کي پاڪ ڪرڻ ۽ روحاني ترقي ڪرڻ سان ٿئي ٿو. اهو ڪامل شخص جو دنيا کي خدا سان ملائي ٿو سو انسان جي شڪل ۾ خدا ناهي پر انسان آهي، جنهن پنهنجي ذات کي خدا جي عشق جي آگ ۾ جلائي خدا جو مظهر بنايو آهي. هن جو مثال ٻين کي ريس ٿو ڏياري ۽ ٻيا هن جو نمونو وٺي هن جي نقش قدم تي هلن ٿا. هو پنهنجي مثال سان ڏيکاري ٿو ته ڪيئن ڪوئي به انسان خدا تعاليٰ جو ميلاپ حاصل ڪري ٿو سگهي. انهيءَ ڪري اسلام جو اهو اصول ڪشادو آهي ته ڪوئي به شخص خدا تعاليٰ سان ميلاپ حاصل ڪرڻ کان يا الهام جي چشمي مان ڀري وٺڻ کان محروم ڪون ڪيو ويو آهي ۽ سڀ ڪوئي شخص خدا جي ڪلام تي پيروي ڪرڻ سان ان کي حاصل ڪري ٿو سگهي.

## موت کان پوءِ انسان جي حالت

آخرت ۾ ويساهه به ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ سيني مذهبن ۾ عام آهي، ۽ مسلمانن جي ايمان جو اهو ٽيون مکيه متو آهي. مگر ٻي حياتيءَ جو مخفي راز جهڙو


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

اسلام سمجهايو آهي تهڙو ٻئي ڪنهن بہ مذهب نہ سمجهايو آهي. يهودين جي مذهب جي زماني تائين آخرت جو متو اهڙو منجهيل ۽ لڪل هو جو نہ رڳو توريت ۾ ان جو ليڻ مشڪل هو پر يهودين جو هڪڙو مکيہ فرقو آخرت جو بلڪل منڪر هو. پائنجي ٿو تہ اڳين نازل ٿيل ڪتابن ۾ انهيءَ مسئلي تي گهٽي روشني وڌل ڪا نہ هئي. دنيا ۾ وري وري جنم وٺڻ جو متو بہ ابتدائي حالت وارن ماڻهن جو آهي، جن روحاني حقيقتن کي ظاهري نماءَ ڪري سمجهيو. اسلام ۾ آخرت جي زندگيءَ جو مسئلو بہ ڪامل طور سمجهايو ويو جيئن ٻيا مذهبي مکيہ متا. هي بيان انهن ماڻهن کي مبالغي نظر ايندو جن جي دلين ۾ اهو خيال ويهي ويو آهي تہ اسلام فقط جسماني خواهش جي پورائي جي تحريص ٿو ڪري. پر آخرت بہ نسبت جيڪي حقيقتون قرآن شريف ۾ بيان ڪيل آهن ۽ جي ٻين مذهبن جي ڪتابن ۾ بلڪل غائب آهن سي اسان جي متين بيان جي سچائي جي پوري ثابتي ڏينديون. آخرت ۾ ايمان آڻڻ جو مطلب آهي تہ جيڪي عمل انسان هن حياتيءَ ۾ ڪري ٿو تن جو موت کان پوءِ حساب ڏيندو ۽ انهن جو نتيجو پَسندو. جيڪڏهن انهيءَ متي کي چڱيءَ طرح سمجهيو وڃي تہ بيشڪ دنيا جي اخلاقي بلندي جو سڀ کان وڏيڪ ڪارائتو بنياد آهي. آخرت بہ نسبت قرآن مجيد هيٺين ڳالهين تي خاص طور زور ڏنو آهي:

### ٻي حياتي هن حياتيءَ سان ڳنڍيل آهي

هن حياتيءَ جي وچ ۾ جا جدائي جي ديوار وڌل آهي سا آخرت جي راز کولڻ لاءِ مانع ٿي ٿئي. اسلام اها ديوار ڪيري ٿو ڇڏي، ۽ هن حياتيءَ ۽ ٻيءَ حياتيءَ کي ملائي ٿو ڇڏي. قرآن شريف ۾ هي حقيقتون بلڪل صاف بيان ڪيل آهي. سترهين سورة جي تيرهين آيت ۾ آيل آهي تہ اسان سڀ ڪنهن انسان جا عمل هن جي ڳچي ۾ ٻڌي ڇڏيا آهن، ۽ قيامت جي ڏينهن اسان هن جي اڳيان هڪڙو ڪتاب آڻي رکنداسين جو هو بلڪل کليل ڏسندو. وري سترهين سورة جي 72 آيت ۾ فرمايل آهي تہ جو هن دنيا ۾ انڌو آهي سو پوءِ بہ انڌو هوندو. سورة79 جي 27، 28 ۽ 29 آيتن ۾ فرمايل آهي تہ اي آرام حاصل ڪيل روح! پنهنجي رب ڏانهن موٽ جنهن ڪان تون راضي آهين ۽ جو توکان راضي آهي: تنهنڪري منهنجي ٻانهن ۾ داخل ٿي ۽ منهنجي باغ ۾ گهڙ. هنن مان پهرين آيت ظاهر ڪري ٿي ڏيکاري تہ وڏيون حقيقتون جيڪي قيامت جي ڏينهن روشن ٿينديون سي نيون ڪين هونديون پر جيڪي هتي ظاهر بين اک ڪان لڪل آهي تنهنجو پوو ظهور هونديون. تنهن ڪري موت ڪان پوءِ واري زندگي ڪا نئين زندگي نہ هوندي پر اهائي ساڳي هوندي، رڳو ان ۾ لڪل حقيقتون ظاهر ٿي پونديون. متي ڏنل باقي آيتن مان پروڙي ٿو سگهجي تہ دوزخ ۽ بهشت واريون حياتيون هن ئي دنيا ۾ شروع ٿين ٿيون آخرت جي اونڌائي يقينا دوزخ آهي، مگر متين آيت موجب فقط اهي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

آخرت ۾ انڌا هوندا جي هتي بہ انڌا آهن: جنهن مان صاف ظاهر آهي تہ هن حياتيءَ جي روحاني انڌائي سچو دوزخ آهي جو هتان پيءَ حياتيءَ ۾ پاڻ سان کڻي ٿو هلجي. اهڙي طرح اهو روح جنهن آرام ۽ اطمينان حاصل ڪيو آهي سو موت بعد بهشت ۾ آندو ٿو وڃي جنهن مان ظاهر آهي تہ جيڪو آرام ۽ اطمينان ڪوئي بہ انسان هن حياتي ۾ روحاني طور ماڻي ٿو سو آخرت ۾ هن لاءِ بهشت ٿئي ٿو. هاڻي صاف معلوم ٿيو تہ قرآن شريف موجب آخرت جي زندگي هن زندگي سان ڳنڍيل آهي ۽ موت حياتيءَ جو ڇينو نہ آهي بلڪ زنجير جي ڪڙي آهي، يا هڪ دروازو آهي جو کلي ٿو پوي ۽ هن حياتيءَ جون لڪل حقيقتون ظاهر ٿو ڪري.

## آخرت جي حياتي هن حياتي جي روحاني حالت جو جسماني فوٽو آهي

ٻئي حياتيءَ بنسبت سڀ کان مفصل حقيقت اسلام کان سواءِ ٻئي ڪنهن بہ مذهب ۾ بيان ڪيل ناهي. ٻين مذهبن ۾ آخرت جي رازن کولڻ جي رڳو ڪوشش بہ ڪا نہ ڪيل آهي. عيسائي مذهب ۾ روحاني ۽ جسماني حالتون ملايل آهن. هڪڙي طرف گنهگارن جي سزا واسطي رئڻ پٽڻ، ڏند ڪرٽڻ ۽ اڻ وسامندڙ باه جو بيان آيل آهي تہ وري نيڪ بندن جي جزا ۾ آسماني بادشاهت، آسماني دولت ۽ دائمي زندگيءَ جو بيان ٿيل آهي: مگر اهو اشارو ٿيل ڪونهي تہ انهيءَ جزا ۽ سزا جو اصل ڪهڙو آهي. قرآن شريف صاف طور بيان ٿو ڪري تہ موت ڪانپوءِ واري حالت هن حياتيءَ جي روحاني حالت جو ڪامل نماءُ ۽ پورو فوٽو آهي. هتي عملن ۽ اعتقادن جون چڱيون يا بريون حالتون انسان ۾ لڪل آهن ۽ انهن جو زهر يا ماکي فقط ڳجهيءَ طرح هن تي اثر ڪن ٿا، مگر ٻئي حياتيءَ ۾ اهڙا چٽا ظاهر ٿين ٿا جهڙو منجهند جو سج. اسان جا عمل ۽ انهن جا نتيجا جيڪا صورت هن زندگيءَ ۾ وٺن ٿا سا انسان جي ظاهري اک کي ڏسڻ ۾ ڪان ٿي اچي، مگر ٻيءَ دنيا ۾ اها صورت کولي سندس اڳيان ظاهر ڪئي ويندي. تنهنڪري ٻيءَ حياتيءَ جون خوشيون ۽ عذاب اگرچہ درحقيقت روحاني آهن تہ بہ لڪل آهن. اهو ئي سبب آهي جو هڪ طرف ٻيءَ زندگيءَ جون نعمتون جسماني ۽ دنيائي نالن سان سڏيل آهن، ڇو تہ اکين کي چٽيون ڏسڻ ۾ ايندڙيون تہ ٻئي طرف وري حضرت رسول ﷺ جي هڪ قول ۾ انهن بابت فرمايل آهي تہ اهي اهڙيون شيون آهن جي نہ اکين ڏٺيون آهن نہ ڪنن ٻڌيون آهن، ۽ نہ ڪڏهن انسان جي خيال ۾ ايون آهن. ٻي حياتيءَ جي نعمتن بابت اهو بيان سچ پچ قرآن شريف جي 32 سورة جي 17 آيت جي سمجهاڻي آهي. اها آيت هن طرح آهي: ڪنهن بہ روح کي خبر ناهي تہ هن لاءِ بهشت ۾ ڪهڙو سامان موجود آهي جو هن جي اکين کي فرحت ڏيندو.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

قرآن شريف جي 57 سورة جي 12 آيت بہ ساڳيو ئي مطلب ٿي سمجهائي. اها آيت هي آهي: انهيءَ ڏينهن اوهان مؤمنن ۽ مومنياڻين کي ڏسندو تہ سندن نور سندن اڳيان ۽ سڄي پاسي کان پيو ڊوڙندو. اها آيت ڏيکاري ٿي تہ اها ايمان جي روشني جا نيڪ ٻانهين کي هن دنيا ۾ هدايت جو رستو ڏيکاري ٿي ۽ جا هتي فقط روحاني اکين سان ڏسي سگهجي ٿي سا قيامت جي ڏينهن مؤمنن جي اڳيان بلڪل چٽي ڏسڻ ۾ ايندي.

بهشت جي نعمتن وانگر دوزخ جي سزا بہ هن حياتيءَ جي روحاني عذابن جو فوٽو آهي. ويهين سورة جي 74 آيت ۾ فرمايل آهي تہ دوزخ اها جاءِ هي جتي انسان نہ جيترو هوندو نہ مرندو. هن بہ نسبت اها ڳالهہ بہ ياد رکڻ گهرجي تہ خدا جو ڪلام گمراه ۽ گنهگار ماڻهن کي مئل ٿو ڪوٺي ۽ نيڪ انسانن کي جيرو ٿو سڏي. انهيءَ راز جي سمجهاڻي هي آهي تہ جيڪي ماڻهو خدا کي نتا سڃاڻن ۽ جن جي حياتيءَ جا وسيلا فقط کائڻ پيئڻ ۽ شهواني خواهش کي پوري ڪرڻ لاءِ آهن تن جا اهي وسيلا مرڻ وقت قطع ٿي ٿا وڃن. روحاني خوراڪ هنن وٽ ذرو بہ ڪانهي، تنهنڪري سچي زندگيءَ کان هو محروم آهن. هنن کي فقط انهيءَ لاءِ اٿاريو ويندو تہ پنهنجي بد عملن جو برو نتيجو چکن.

## ملائڪن ۾ ايمان ۽ ان جو مطلب

هيل تائين اسلام جي ٽن مکيہ اعتقادي اصولن جو بيان مختصر طور ڪيو ويو آهي، پر ان بنسبت هيترو اجان چوڻو آهي تہ غيب ۾ ملائڪ بہ اچي ٿا وڃن، ۽ انهن ۾ ايمان آڻڻ بہ ضروري آهي. هي ويساه بہ اگرچہ گهڻن مذهبن ۾ ليي ٿو؛ مگر عام قبوليت ۾ نہ آيل آهي. تنهنڪري انهيءَ ويساهہ بنسبت ٿورا ريمارڪ ڏجن ٿا: جسماني دنيا ۾ هي هڪڙو مقرر قاعدو آهي تہ اگرچہ اسان جي اندر قوقون ۽ طاقتون موجود آهن تہ بہ انهن جي ڪم آڻڻ لاءِ ٻاهرين وسيلن جي ضرورت آهي. اکيون شين کي ڏسڻ لاءِ برابر ڏنيون ويون آهن ۽ انهن کي ڏسن ٿيون هن لاءِ ٻاهرين روشنائي جي مدد پڻ ضرور آهي. ڪن آواز ٻڌي سگهن ٿا، پر هوا جي مدد کان سواءِ هو اهو ڪم نہ ٿا ڪري سگهن. تنهنڪري انسان کي پنهنجي اندرين قوتن سان گڏ ڪن ٻاهرين شين جي بہ گهرج آهي. جيئن جسماني طاقتون ٻاهرين وسلين کان سواءِ ڪم ڏيئي نہ ٿيون سگهن تيئن روحاني طاقتون بہ ازخود چگن يا برن ڪمن ڏي نيئي نہ ٿيون سگهن، تنهنڪري روحاني دنيا ۾ بہ ڪن ٻاهرين وسيلن جي ضرورت آهي جن جي مدد سان روحاني طاقتون پنهنجو ڪم ڏيئي سگهن. مطلب هي آهي تہ انسان جي فطرت ۾ ٻہ ڪوششون رکيل آهن. هڪ نيڪيءَ ڪرڻ جي جا اسان کي اعليٰ درجي تي رسائي ٿي ۽ ٻي بدي ڪرڻ جي جا اسان کي مرن جهڙو بلڪ زياده خراب ٿي ڪري. پر انهن ڪششن کي ڪم ۾ آڻڻ لاءِ ٻاهرين وسيلن جي ضرورت آهي جيئن جسماني قوتن


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڪي ٻاهرين شين جي ضرورت ٿئي ٿي. ٻاهريون وسيلو جو نيڪي جي ڪشش ڪي ڪم ۾ ٿو رکي سو مَلڪ ٿو سڏجي، ۽ جو بديءَ جي ڪشش ڪي مدد ٿو ڪري سو شيطان ٿو سڏجي. جيڪڏهن اسان نيڪي جي ڪشش تي ٿا هلون ته روح القدس جي پيروي ٿا ڪريون ۽ جيڪڏهن بديءَ جي ڪشش تي ٿا هلون ته شيطان جي پيروي ٿا ڪريون. تنهنڪري ملائڪن ۾ ايمان آڻڻ جو سچو مطلب هي آهي ته اسان نيڪي جي دعوت کي قبول ڪريون يا نيڪيءَ جي ڪشش جا اسان ۾ رکيل آهي تنهن تي قدم کڻون.

## ايمان يا اعتقاد جي ڪيفيت

متيان ريمارڪ نه رڳو ملائڪن ۾ ايمان آڻڻ جو مطلب ٿا سمجهائن پر لفظ ايمان جي ماتحت جو مطلب رکيل آهي سو به ٿا سمجهائين. اسلام موجب ايمان يا اعتقاد نه رڳو ڪنهن خاص ڳالهه جي سچائي جو يقين رکڻ آهي پر ان کي عملن لاءِ بنياد سمجهڻ ۽ عملي طور قبول ڪرڻ لازمي آهي. جيئن اڳيئي ڏيکاريو ويو آهي ته شيطانن جو هئڻ به اهڙو ئي سچو آهي جهڙو ملائڪن جو. پر ملائڪن ۾ ويساه رکڻ بار بار مسلمان جي ايمان لاءِ ضروري طور بيان ڪيو ويو آهي مگر ڪٿي به ائين ڪو نه چيو ويو آهي ته شيطانن ۾ ايمان آڻيو. ٻئي حقيقتون (يعني ٻنهي جو هئڻ) صحيح آهن ۽ قرآن شريف ۾ ڪيترن ئي هنڌن شيطانن جي حرڪتن ۽ لڇاڻن جو بيان ڪيو ويو آهي، پر قرآن شريف ملائڪن ۾ ايمان آڻڻ سيڪاري ٿو مگر شيطانن ۾ ايمان آڻڻ جو حڪم نٿو ڏئي. جيڪڏهن ملائڪن ۾ ايمان آڻڻ جي فقط اها معنيٰ هجي ها ته انهن جو هئڻ به قبول ڪريو ته شيطانن ۾ ويساه رکڻ به اهڙو ئي هجي ها. پر ائين نه آهي. سبب هي آهي ته اسان کي نيڪيءَ جي دعوت ڪندڙ جو سڏ قبول ڪري عمل ڪرڻو آهي مگر بديءَ جي دعوت ڏيندڙ جو سڏ رد ڪرڻو آهي؛ تنهنڪري جيئن ته پهرين ڳالهه تي عمل جو بنياد آهي ۽ پوئين تي ناهي، اسان ملائڪن ۾ ايمان آڻيون ٿا، مگر شيطانن ۾ نه ٿا آڻيون بلڪ قرآن شريف شيطانن جو منڪر ٿيڻ ٿو سيڪاري جيئن سورة البقره جي 256 آيت ۾ آيل آهي ته جو شخص شيطانن جو منڪر آهي ۽ الله تعاليٰ ۾ ايمان ٿو رکي تنهن تحقيق سڀ کان مضبوط هٿئي کي جهليو آهي.

هن مان ڏسڻ ۾ ايندو ته متي بيان ڪيل اعتقادي اصول جيئن قرآن شريف ۾ ڏنل آهن، اهڙا اصول آهن جي سڀ عمل جو بنياد آهن؛ ٻئي قسم جو اعتقاد يعني جنهن اعتقاد سان عمل لاڳو نه هجي سو اسلام ۾ آهي ئي ڪونه. اسلام جا عقيدا زبان سان چوڻ جا منتر ناهن، مگر اهي عمل جا حڪم آهن. عربي لفظ الله انهي خدا ڏي اشارو ٿو ڪري جنهن ۾ سڀ ڪامل صفتون موجود آهن، ۽ جڏهن اسان کي الله ۾ ايمان آڻڻ جو حڪم ڪيو ٿو وڃي تڏهن درحقيقت انهن سيني ڪامل صفتن هٿ ڪرڻ جو


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

حڪم ڏنو ٿو وڃي. اسان کي پنهنجي سامهون سڀ کان اعليٰ ۽ پاڪيزه مقصد رکڻو آهي، ۽ پنهنجي هلت چلت انهيءَ مقصد موافق ڪرڻي آهي، وحي ۾ ايمان آڻڻ سيکاري ٿو ته جيڪائي نيڪي پيغمبرن ۽ نيڪ بندن جي حياتين ۾ معلوم ڪئي وئي آهي سا قبول ڪري انهن جو نقل ڪرڻ گهرجي، ۽ قيامت ۾ ايمان آڻڻ انسان جي جوابدهي جي سڀ کان مکيه اصول کي قبول ڪرڻ ٿو سيکاري، اهو اصول آهي عملن جو حساب ڏيڻ. تنهنڪري اسلام جا ويساهه اهڙا عام قبول حق آهن جن جي ثابتيءَ جي گهرج ئي ڪانهي، ۽ انهن ويساهن تي انسان جي حياتي جي اخلاقي ۽ روحاني حالتن جو بنياد بڌل آهي.

## عملي اصول

هاڻي اسان دين اسلام جو عملي بحث تا ڪٿون. اڳيئي چيو ويو آهي ته دين اسلام ۾ عمل دين جو اهڙو ئي ضروري ڀاڱو آهي جهڙو ايمان. انهيءَ باري ۾ اسلام سهڻو وچون رستو اختيار ڪيو آهي. نه ته ڪن مذهبن عملي طرف کي بلڪل نظر انداز ڪري ڇڏيو آهي ته ٻين وري سون رسمن جي زنجير سان انسان کي ڦاسائي ڇڏيو آهي. اسلام انسان جي قوتن کي زور وٺائڻ لاءِ ضروري عام هدايتون ڏيئي باقي ميدان صاف ڇڏي ڏنو آهي ته هر ڪوئي شخص پنهنجو عقل ڪم آڻي عمل ڪري. عملي طرف کي بلڪل ڇڏي ڏيڻ سان ڪوئي به مذهب رڳو خيالي وڃي رهندو ۽ انسان جي چال ۽ هلت چلت تي ان جو اثر ڪو نه ٿيندو. اسلام جون هدايتون جي خدا ۽ خدا جي خلق جا فرض ادا ڪرڻ سيکارين ٿيون تن جو بنياد انساني فطرت جي اونهي ۽ ڪامل علم تي ٻڌل آهي جو علم فقط ان فطرت جي مالڪ وٽ آهي. اهي هدايتون انساني تهذيب ۽ ترقي جي سيني مختلف ڏاڪن لاءِ ڏنيون ويو آهن، تنهنڪري اهي مختلف ماڻهن جي ضرورتن لاءِ نهايت موزون ۽ مناسب آهن. قرآن مجيد ۾ رواجي دنيا ئي ماڻهن لاءِ خواه فيلسوفن لاءِ ۽ اگهاڙن جابلو جهنگلين لاءِ خواه نهايت مهذب قومن لاءِ هدايتون ۽ قانون موجود آهن.۽ عمل ۾ آڻڻ لاءِ بلڪل ڪارائتو هجڻ اها اسلامي هدايتن جي خاصيت آهي، تنهنڪري جيئن اسلام جا اعتقادي اصول وسيع ۽ عام آهن تيئن عملي هدايتون به سيني قومن ۽ سيني وقتن لاءِ موزون ۽ مناسب آهن.

اهي هدايتون جي ٽي مکيه اعتقادي اصول بيان ڪن ٿيون سي به مکيه عملي اصول به بيان ٿيون ڪن (1) نماز قائم رکڻ (2) جيڪي اسان وٽ هجي تنهن کي سخاوت طور ڪم آڻڻ. اهي ٻه ڪم در حقيقت انسان جي سچي عملي دائري کي پنهنجي اندر رکن ٿا. عام لفظن ۾ ائين چئي سگهجي ٿو ته اهي اصول آهن (1) خدا جا انسان تي حق ۽ (2) انسان جا انسان تي حق. مگر در حقيقت اهو تفاوت رڳو ظاهري آهي. سچو مطلب وٺجي ته سڀ انسان جا حق خدا جا حق آهن، ۽ انهيءَ ئي ڪري قرآن


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

شريف جڏهن بہ انسان تي ڪهڙا بہ ننڍڙا حق بيان ٿو ڪري تڏهن انهن جي پنيان هي لفظ ٿو آڻي وا تقو الله يعني خدا جي حقن جي خبرداري ڪريو. حضرت ﷺ جو هي قول، تہ جو شخص پنهنجي ڪنهن ڀاءُ جو حق ٿو ٻوڙي سو خدا جي هيڪڙائي ۾ ايمان رڪندڙ ناهي. ”تنهن مان پڻ اهو ئي مطلب ٿو نڪري. سيني حالتن ۾ سيني ڪمن لاءِ انسان فقط پنهنجي خالق وٽ جوابداري ڏيندو. پر جيڪڏهن ٻيو مطلب وٺجي تہ وري انسان جا سيئي فرض يا تہ پنهنجا پاڻ تي حق اٿس، يا ٻين جا پاڻ تي حق اٿس ڇو تہ الله تعاليٰ جي صفت قرآن شريف ۾ بار بار غني بيان ڪيل آهي جنهن جي معنيٰ آهي تہ الله تعاليٰ ڪي دنيا سندس عبادت ۾ مشغول رهي تہ بہ سندس اعليٰ شان ۾ تر جيترو بہ واڌارو تي نہ ٿو سگهي، ۽ جيڪڏهن سڄي دنيا هن ۾ ايمان نہ آڻي ۽ بي شڪري ڏيکاري تہ بہ سندس عظمت مان ذو بہ گهٽجي نٿو سگهي. تنهن ڪري جيڪي خدا جا حق سڏيا ويا آهن سي در حقيقت پنهنجا حق پاڻ تي آهن يعني اهي حق آهن جي سڌيءَ طرح ٻين تي اثر نٿا ڪن پر پاڻ تي اثر ٿا رکن. اهي خدائي حق سچ پچ انسان جي اخلاقي ترقي ۽ روحاني سڌاري جا وسيلا آهن، ۽ انهن مان مکيہ فرض آهن نماز روزا ۽ حج. انسان جا انسان تي جيڪي فرض آهن تن مان سيني ڪان مکيہ آهي زڪواة. هڪ ڊل آهي جا مسڪينن جي فائدي لاءِ شاهوڪارن ڪان اڳاڙجي ٿي. اها زڪواة ۽ ٽي انسان جا پاڻ تي مکيہ فرض عملي طرف اسلام جا چار رڪن يعني ٿنڀ آهن. انهن چئن ٿنڀن جو مختصر بيان هت ڏنو ويندو، پر تنهن ڪان اڳي انسان تي انسانن جي حقن بہ نسبت ٿورا ريمارڪ ڪجن ٿا.

## اخلاقي تعليمات جي وسعت

قرآن مجيد هڪ قوم يا هڪ زماني واسطي نہ موڪليل هو، تنهنڪري ان جي اخلاقي تعليمات جو دائرو ايترو وسيع آهي جيترو انسان جي ذات. اهو اهڙو ڪتاب آهي جو سيني ماڻهن ڪي سيني حالتن ۾ ڪامل هدايتون ڏئي ٿو، جاهل جهنگليءَ ڪي خواه عاقل فيلسوف ڪي، ڏنڌي واري ماڻهوءَ ڪي خواه گوشہ نشين ڪي، شاهوڪار ڪي خواه مسڪين ڪي. قرآن شريف ۾ ايتريون هدايتون ۽ قانون سمايل آهن جو هر هڪ شخص پنهنجي حالت موافق قانون ان مان لهي سگهي ٿو. جيڪڏهن هڪ طرف ان ۾ اهڙيون هدايتون آهن جو هڪ جهنگلي ڪي مٿين ڏاڪي تي آڻڻ ۽ رواجي معاشرتي اخلاق سيکارڻ لاءِ موزون آهن تہ ٻئي طرف وري اهڙا قانون موجود آهن جي اخلاقي ۽ روحاني ترقي جي مٿين ڏاڪن وارن لاءِ هادي ٿين. اعليٰ اخلاقي تعليمون بيشڪ انسان جي ترقي لاءِ ضروري آهن، پر اهي انهن ڪي فائدو ڪري سگهنديون جيڪي انهن ڪي سمجهي سگهندا. پر عام ماڻهو ڪهڙي بہ سڌريل قوم جا انهن جي سمجهڻ جا لائق ناهن. تنهنڪري قرآن شريف سيني منزلن لاءِ هدايتون ٿو ڏئي جي منزلون


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

انسان کي جهنگليڻ کان وٺي اعليٰ روحاني ترقيءَ تائين لتاڙٽيون ٿيون پون. اهي هدايتون انسان جي عملن جي هر هڪ شاخ بہ نسبت آهن ۽ انسان جي سڀني قوتن جو واڌارو گهرن ٿيون. جيڪي ٻئي خاصيتون انسان ۾ رکيل آهن تن سڀني کي اسلام نرمي ۽ شجاعت ٻئي خاصيتون عمل ۾ آڻڻ سيکاري ٿو مگر هر هڪ پنهنجي پنهنجي مناسب موقع تي. اسلام عفو (معافي ڏيڻ) سيکاري ٿو مگر هدايت ٿو ڪري تہ جڏهن ڏوهہ جو قسم اهڙو هجي جو سزا جو ضرور ٿئي تڏهن انهي ڏوهہ جي قدر تي سزا ڏيڻ گهرجي. اسلام سيکاري ٿو تہ. معافي تڏهن ڏيو جڏهن انهيءَ مان چڱائي نڪري. اسلام وري ائين بہ ٿو سيکاري تہ تمام مشڪل حالتن ۾ بہ اعليٰ صفتون قائم رکو، مثلا ايمانداري ڏيکاريو اگرچہ ان ايمانداري جي ڪري تڪليفن هيٺ اچو؛ سچ ڳالهايو اگرچہ اهو سچ توهان جي پيارن مائٽن يا دوستن جي برخلاف هجي، همدردي ڏيکاريو اگرچہ ان ۾ پنهنجو نقصان ٿئي، سخت مصيبتن ۾ بہ صبر اختيار ڪيو، انهن سان بہ ڀلائي ڪيو جن توهان سان برائي ڪئي هجي وغيره. تنهن هوندي بہ اسلام وچون رستو ٿو سيکاري: اسلام سيکاري ٿو تہ جيڪي شريف جذبا انسان ۾ رکيل آهن تن کي دنيا جي ڌنڌن ۾ رهي ڪري عمل ۾ آڻيو. اسلام نٿو سيکاري تہ دنيا کان الڳ رهي سڀ لاڳاپا لاهي ڇڏيو. هو پاڪدامني ٿو سيکاري مگر نہ پاڻ کي کدڙو ڪرڻ سان، هو خدا جي عبادت جي هدايت ٿو ڪري مگر نہ راهبن وانگر، هو دولت سخاوت ۾ خرچ ڪرڻ جي ترغيب ٿو ڪري پر نہ ايتري قدر جو بيوس ۽ تنگ حال ٿي پئجي، هو فرمانبرداري سيکاري ٿو مگر نہ پنهنجي عزت کوهڻ سان، هو معافي ڏيڻ جي هدايت ڪري ٿو مگر نہ ايتري قدر جو ڏوهي بي پرواهہ ٿي قوم کي ناس ڪري ڇڏين، هو پنهنجن حقن ماڻڻ جي اجازت ٿو ڏئي مگر نہ اهڙي طرح جو پراوا حق مارجي وڃن ۽ اسلام حڪم ٿو ڪري تہ پنهنجي دين جي اشاعت ڪريو، مگر نہ ٻين جي مذهب کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ سان.

### اسلامي آخرت يعني ڀائپي

اسلام هڪدم سڀني ذاتين يا قبيلن جا اڻ وٽندڙ تفاوت مٽائي ٿو ڇڏي. تحقيق الله وٽ سڀني کان وڌيڪ عزت وارو اوهان مان اهو آهي جو پنهنجا فرض بجا آڻڻ ۾ سڀني کان وڌيڪ خبردار آهي، هي آيت ذات جي وڏائي يا گهٽتائي ۽ دنيائي مرتبن جي تفاوتن کي پائمال ڪري ٿي ڇڏي. قرآن مجيد سڄي ذات انسان جي هڪ ڪٽنب آهي. 49 سورة جي 13 آيت ۾ آهي تہ اي انسان! تحقيق اسان توهان کي هڪ مرد ۽ زال مان پيدا ڪيو، ۽ توهان کي ذاتين ۽ قبيلن ۾ ورهايو انهيءَ لاءِ تہ توهان هڪ ٻئي کي سڃاڻو: تحقيق توهان مان سڀني کان وڌيڪ الله تعاليٰ وٽ مرتبي ۽ عزت وارو اهو آهي جو فرضن بجا آڻڻ ۾ سڀني کان وڌيڪ خبردار آهي. اسلام اهڙي طرح هڪ


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

وسيع اخوت جو بنياد ٿو وجهي جهن ۾ سڀ مرد ۽ زالون – پوءِ هو ڪهڙي به قبيلي يا قوم يا ذات جا حج، ڪهڙو به هنن جو ڏنڊو يا درجو هجي: مسڪين هجن توڙي دنيا دار هجن – هڪ جهڙا حق رکن ٿا، ۽ جنهن ۾ ڪوئي به پنهنجي ڪنهن ڀاءُ جي حق تي لت ڏيئي نٿو سگهي. هن ڀائپي ۾ سيني کي هڪ ٻئي سان ائين هلڻو آهي جيئن ساڳيءَ ڪٽنب جا ڀاتي. ٻانهي کي اهڙو کاڌو ڏيڻو آهي ۽ اهڙا ڪپڙا پهرائڻا آهن جهڙا ڌڻيءَ کي، ۽ ٻانهي کي خسيس يا گهٽ ڪري نه ڏسڻو آهي. قرآن شريف ۾ آهي ته توهان جي زالن جا اوهان تي به اهڙي طرح حق آهن جهڙيءَ طرح توهان جا هنن تي آهن. ذات يا ڏنڌي يا جنس جي تفاوت ڪري ڪنهن جو حق ٻوڙي نٿو سگهي. هي وسيع ڀائپي رڳو خيالي ڪين هئي، پر حضرت ﷺ جي ۽ سندن اصحابن ۽ خليفن سڀني جي اعليٰ مثال سان عملاً قائم ٿي ويئي. ڀائپي جو تاڪيدي قانون هن حديث ۾ ڏنو ويو آهي ته توهان مان ڪوئي به خدا کي مڃيندڙ ناهي جيستائين ڪ هو پنهنجي ڀاءُ جي واسطي به اها ئي شي نٿو چاهي جيڪا پاڻ واسطي ٿو چاهي.

## حاڪم لاءِ عزت ۽ فرمانبرداري

اگرچه اسلام حقن جي برابري قائم ڪئي ته به حڪومت لاءِ اعليٰ قسم جي فرمانبرداري ٿو سيکاري. سچي سکيا جي جاءِ آهي جنهن ۾ انسان جي اخلاقي تربيت شروع ٿئي ٿي تنهنڪري قرآن مجيد والدين جي فرمانبرداري جو بلڪل گهڻو تاڪيد ٿو ڪري. سورة 17 جي 23 ۽ 24 آيت ۾ فرمايل آهي ته جيڪڏهن انهن مان هڪ يا ٻئي وڏي عمر کي رسن ته تون هنن کي رڳو اف به نه ڪر نڪي هنن کي ڇڙٻ ڏي، ۽ هنن سان ادب جا لفظ ڳالهاءِ، ۽ رحمدلي ۽ فرمانبرداري سان هنن جي اڳيان نرمي جي هلت وٺ، ۽ چؤ ته اي منهنجا رب هنن اڳيان نرمي جي هلت وٺ، ۽ چؤ ته اي منهنجا رب هنن تي رحم ڪر جو هنن مون کي نپايو جڏهن مان ننڍڙو هوس. ٻئي هنڌ فرمايل آهي ته والدين جي حڪم جي انحرافي فقط تڏهن جائز آهي جڏهن خدا کان سواءِ ٻئي ڪنهن جي عبادت ڪرڻ تي مجبور ڪن. والدين لاءِ هي اعليٰ فرمانبرداري اهو بنياد آهي جنهن تي سڀ ڪنهن قسم جي حاڪم جي فرمانبرداري جي عمارت اڏيل آهي. قرآن شريف صاف طور فرمائي ٿو ته خدا جي اطاعت ڪيو ۽ خدا جي رسول جي اطاعت ڪيو ۽ انهن جي جيڪي اوهان مان اوهان تي حاڪم آهن. (4 سورة 62 آيت) حاڪمن جو مطلب رڳو ملڪي حاڪم ناهي، پر اهي سيئي جن کي ڪنهن به قسم جي اختياري ڏنل آهي. حضرت ﷺ جو قول آهي ته اوهان مان هر هڪ حاڪم آهي، ۽ هر ڪنهن کان قيامت جي ڏينهن انهن بابت پڇاڻو ٿيندو جي هن جي اختياري هيٺ آهن. تنهنڪري اسلام سيني ماڻهن کي انهن جي فرمانبرداري ڪرڻ جي هدايت ٿو ڪري جيڪي سندن مٿان آهن يا سندن ترت عملدار آهن. اهڙي طرح


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

اسلام بغاوت ۽ گوڙ جي پاڙ پٽي ڇڏي. حاڪم ڪهڙي به مذهب جو هجي ته به هن جي فرمانبرداري اهڙي طرح ڪجي جيئن والدين جي، اگرچه والدين اسلام جا منڪر هجن. پيغمبر ﷺ جي هڪڙي قول موجب اگرچه ڪو شيدي ٻانهو حاڪم هجي ته هن جي به اطاعت ڪرڻ گهرجي.

## چار مکيه عملي رڪن:

هاڻي مذهب اسلام جا چار مکيه عملي رڪن ڪجهه کولي بيان ٿا ڪجن خاص ڪري نماز صلواة يعني اسلامي نماز. اسان جي ملڪ ۾ اڄوڪي زماني ۾ نماز اڪثر بنا سمجهه جي پڙهڻ ۾ ٿي اچي. ماڻهن کي نڪا نماز جي حقيقت جي خبر آهي نڪا اها خبر اٿن ته نماز ۾ اسان ڇا ٿا چئون. الله تعاليٰ انسان کي جيڪا سڀ کان وڏي نعمت بخشي آهي سا آهي عقل. اسان انهيءَ نعمت کي ذرو به ڪم نٿا آڻيون. حضرت رسول ﷺ جن فرمايو آهي ته جا شيءِ سڀني کان پهريائين خلقي ويئي سا آهي عقل. ائين به فرمايو اٿن ته تحقيق هڪڙو ماڻهو نمازون روزا زڪواة حج ۽ ٻيا سڀ فرض ادا ڪري ٿو. مگر هن کي ثواب رڳو اوتري قدر ملندو جيتري قدر عقل ۽ سمجهه ڪم آندي اٿس. نماز به نسبت به فرمايو اٿن ته جنهن ۾ جسم سان دل شامل ناهي تنهن تي الله تعاليٰ ڌيان ڪون ٿو ڏئي. هنن حديثن مان صاف طرح ثابت ٿو ٿئي ته نماز جي حقيقت ۽ معنيٰ سمجهڻ تمام ضروري آهي.

نماز اسلام جو اهو رڪن آهي جو مسلمان تي سڀ کان پهريائين فرض ٿو ٿئي. ستن ورهين جي ٻار کي نماز پڙهڻ مستحب ۽ ڏهن ورهين واري تي فرض آهي، ۽ مرڻ جي گهڙيءَ تائين سڀ ڪنهن حالت ۾ ۽ سڀ ڪنهن هنڌ فرض رهي ٿي. حديث شريف ۾ آهي ته نماز بيهي پڙهو، بيهي نه سگهو ته ويهي پڙهو، ويهي به نه ته پاسي ڀر. ٻي حديث ۾ آهي جنهن دين ۾ نماز ڪانهي تنهن ۾ ڪا خوبي ڪانهي.

نماز آهي دل جي جذبن جو اظهار، خدا وٽ عجز ۽ نياز سان عرض ۽ استدعا، ۽ خالق جي اڳيان روح جي پاڪ ۽ مخلص خواهشن جو نهايت مؤدبانه طور ظاهر ڪرڻ. اسلام ۾ عبادت جو خيال ۽ طريقو ٻين ديني اصولن وانگر اعليٰ ترين ترقي کي پهتل آهي. قرآن شريف موجب نماز دل کي صاف ۽ پاڪ ڪرڻ جو وسيلو آهي، ۽ خدا جو ميلاپ فقط دل جي پاڪائي سان حاصل ٿئي ٿو. سورة عنڪبوت جي 45 آيت ۾ فرمايل آهي ته ”جيڪو ڪتاب توتي نازل ڪيو ويو آهي سو پڙهه ۽ نماز قائم ڪر، تحقيق نماز فاحش ڪمن ۽ خرابين کان بچائي ٿي ۽ يقينا خدا جو ذڪر سڀ کان وڏي ڳالهه آهي“ تنهنڪري اسلام نماز کي انسان جي اخلاقي ترقي جو وسيلو ڏيکاري ان جو تاڪيد ڪيو آهي. اسلام اها نماز نه سيڪاري آهي جا بنا روح جي هڪ بي جان بت وانگر هجي ۽ جنهن ۾ دل جو خلوص نه هجي. اهڙي نماز قرآن شريف جي الماعون


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

سورة جي 5 آيت ۾ صاف طرح رد ڪيل آهي. اتي فرمايل آهي ته مصيبت آهي انهن نمازين جي لاءِ جي نماز ۾ بي خبر ٿا رهن.“

مسلمان لاءِ نماز هڪ روحاني غذا آهي، جا ڏينهن ۾ پنج ڀيرا کائي ٿو. جي ماڻهو پائنين ٿا هر روز پنج وقت نماز پڙهڻ هڪ مشڪل ڪم آهي تن کي ياد رکڻ گهرجي ته ڏينهن ۾ ڪيترا ڀيرا کائجي پئجي ٿو. جسماني طاقت ۽ واڌاري کان روحاني ترقي وڌيڪ ضروري ناهي ڇا؟ جسم کان روح وڌيڪ قيمتي ناهي ڇا؟ جيڪڏهن بدن جي لاءِ هر روز ڪيترا ڀيرا کاڄ جي ضرورت آهي ته وري روح جي لاءِ غذا جي ضرورت نه آهي ڇا؟

ڪن مذهبن ۾ نماز لاءِ هڪ خاص ڏينهن مقرر ڪيل آهي جنهن ڏينهن ڀيو ڪو ڪم ڪرڻ ۾ نه ايندو آهي. اسلام جنهن دنيائي ڌنڌن جي وچ ۾ هر روز عبادت ڪرڻ سيکاري آهي تنهن ان ۾ هڪ نئين معنيٰ رکي آهي ته ڪوئي به مسلمان ڪهڙي به مشغولي ۾ هجي ته به پاڻ کي دنيا ئي مشغولين کان هڪدم ڇني سگهي ۽ نماز ۾ مشغول ٿئي. اهو ئي سبب آهي جو اسلام رهبانيت جون سڀ رسمون ڪڍي ڇڏيون آهن جن جو مطلب آهي ته انسان خدا جا ڌنڌا ڦٽي ڪري. مگر اسلام سيکاري ٿو ته دنيا ڇڏڻ کان سواءِ ئي خدا جو ميلاپ حاصل ڪجي.

اگرچه اسلام نماز کي دائماً قائم رکڻ لاءِ خاص طريقو ۽ وقت تاڪيد طور مقرر ڪري ڇڏيا آهن ته به هر هڪ شخص کي وڏو ميدان ڪليل ڏنو ويو آهي. هن کي آزادي آهي ته قرآن شريف مان جيڪو ٽڪر ڪيس وڻي سو نماز ۾ پڙهي ۽ اهي دعاؤن گهري جي سندس روح جي جذبن موافق هجن. عام هدايتون بيشڪ ڏنل آهن ڇو ته اهي هدايتون وقت جي پابندي، انتظام ۽ هڪجهڙائي رکڻ لاءِ ضروري آهن، مگر سڀ ڪنهن شخص کي آزادي آهي ته انهيءَ طريقي سان نماز پڙهڻ کان سواءِ پنهنجي خالق جي اڳيان ٻي طرح به پنهنجي شريف جذبن جو اظهار ڪري.

هر روز پنج وقت انهن عضون کي ڌئڻ جي ڪم ڪار ۾ يا ازخود جلد ميرا ٿا ٿين، وات ۽ ڏند صفا ڪرڻ، اکين کي پاڻي هڻڻ، ۽ نڪ صفا ڪرڻ وضو کان اڳ ڏندڻ هڻڻ، جسم لباس مڪان غليظائي کان پاڪ رکڻ اهي سڀ نماز لاءِ ضروري ڪيا ويا آهن، ۽ جسماني صحت لاءِ به اهي ئي سڀ کان چڱيون تدبيرون آهن. حضرت ﷺ فرمائي ٿو ته مان سڀ ڪنهن نماز وقت ڏندڻ هڻڻ جو تاڪيد ڪيان ها مگر مون کي اهو انديشو ٿيو ته متان منهنجي امت تي بار ٿي پوي. ارمان جي ڳالھ آهي جو ڪي مسلمان ته ڏينهن ۾ هڪ ڀيرو به ڏندڻ ڪين ٿا هڻن. انهيءَ ظاهري پاڪائي رکڻ جو باطني فائدو اهو آهي جو ظاهري صفائي روح تي چڱو اثر ٿي ڪري. جهڙيءَ طرح جسم کي پاڪ ٿو رکجي تهڙيءَ طرح روح کي به دشمني ۽ بغض کان پاڪ ڪري پوءِ الله تعاليٰ جي روبرو حاضر ٿيڻ گهرجي.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

انسان جي لاءِ تندرستيءَ جهڙي ٻي ڪا نعمت ڪانهي. تندرستي صفائي ۽ بدني ورزش تي مدار رکي ٿي. نماز جي حڪمن ۾ اعليٰ درجي جي صفائي اچي ٿي وڃي، ۽ خود نماز ۾ ڪجهه قدر بدني ورزش به ٿي ٿئي. اسلام جي هدايتن وغيره ۾ اها خوبي آهي جو انهن تي عمل ڪرڻ سان نه رڳو روحاني پر دنيا ئي فائدا به حاصل ٿا ٿين.

### آذان

اذان يا بانگ جي پهريائين ضرورت هن لاءِ پيئي ته سڀ مسلمان ملي هڪ وقت نماز ادا ڪري سگهن. اذان نه رڳو نماز جو سڏ آهي پر اسلام جي اصولن جي اشاعت ۽ اعلان به آهي. مسلمان انهيءَ اذان جي وسيلي پنهنجا اصول سيني ماڻهن جي ڪنن تائين پهچائين ٿا، ۽ چوڪاري جي راه ڏيکارين ٿا. پر افسوس جو اسان جي ملڪ جا مسلمان آذان جي لفظن جي معنيٰ بلڪل ڪو نه ٿا ڄاڻن. آذان جا لفظ هي آهن جي معنيٰ سميت ڏجن ٿا:

| | |
|---|---|
| الله اڪبر الله اڪبر | الله سڀ کان وڏو آهي الله سڀ کان وڏو آهي. |
| اشهد الا اله الا الله | آءٌ گواهي ٿو ڏيان ته الله کانسواءِ ڪو ٻيو معبود نه آهي. |
| اشهد ان محمداً رسول الله | آءٌ گواهي ٿو ڏيان ته (حضرت) محمد (ﷺ) الله جو رسول آهي. |
| حيّ علي الصلواة | اچو نماز جي طرف |
| حيّ علي الفلاح | اچو ڪاميابيءَ جي طرف |
| الصلواة خير من النوم | نماز ننڊ کان بهتر آهي. |
| الله اڪبر الله اڪبر | الله سڀ کان وڏو آهي الله سڀ کان وڏو آهي. |
| لااله الاالله | الله کانسواءِ ٻيو ڪو معبود نه آهي. |

### وقت جي پابندي

سڄي عمر الاهي عبادت کي قائم رکڻ ڪري استقلال جو گڻ ٿو سکجي. هر روز پنجن نمازن جو وقت تي پڙهڻ وقت جي پابندي جي زبردست تعليم آهي. نماز ۾ جيتري قدر پابندي آهي، هوءَ جنهن طرح سوير سمهڻ ۽ سوير اٿڻ جي تعليم ٿي ڏئي ۽ جنهن طرح هر هڪ ٽائيم ٽيبل کي پنهنجي قبضي ۾ ٿي آڻي تنهن مان هي به معلوم ٿو ٿئي ته اسلام ۾ شهواني ۽ نفساني خيالن کي نماز جي وسيلي ڪيئن نه بيدخل ڪيو ويو آهي.

### نماز ماڻهن جي ميل ميلاپ جو وسيلو آهي



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ پاڳي پائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

نماز پڙهڻ لاءِ مسجد ۾ اچڻ ۽ جماعت جي پابندي تمدن ۽ ترقي جي جان آهي، اتفاق، ٻڌي ۽ خيالن جي تبادلي جو سڀ کان پاڪ وسيلو آهي. انهيءَ جي ڪري ڪوئي به جاهل شخص گهٽيون ڳالهيون نمونو ڏسي سکي سگهي ٿو، ۽ ڪوئي به عالم آسانيءَ سان اسلام سيکاري سگهي ٿو. ڪوئي به امير غريب ماڻهن سان ڪلهو ڪلهي ۾ هٽي بيهڻ سان مساوات جو سبق وٺي سگهي ٿو: ۽ ڪوئي به غريب امير جي برابر ويهي سچي دين جي انصاف کان پنهنجي روح کي خوشي ڏيئي سگهي ٿو.

## امام

امام جي پٺيان نماز پڙهڻ مان اهو سبق ٿو سکجي ته دنيا ۾ به سڀني ڪمن ڪارين کي چڱيءَ طرح سر انجام ڪرڻ لاءِ هڪ پريو مڙس يا حاڪم مقرر ڪجي جنهن جي زيردستيءَ ۾ صلح ۽ اتفاق سان ڪم هلي. اهو پريو مڙس نيڪ دل ۽ عادل هئڻ گهرجي.

امام ٿيڻ جو لائق به اهو آهي جو ٻين کان قرآن شريف وڌيڪ ڄاڻي ۽ ٻين کان وڌيڪ نيڪ هجي. مٿي حديث ڏنل آهي جيڪا نماز ۾ خلوص دل ۽ معنيٰ سمجهڻ سان تعلق ٿي رکي، تنهن مان سمجهه ۾ اچي ٿو ته جنهن نماز ۾ جسم سان دل شامل ناهي تنهن تي الله تعاليٰ ڌيان ڪو نه ٿو ڏئي. منهنجي خيال ۾ ائين ٿو اچي ته دل شامل فقط تڏهن ٿيندي جڏهن نماز جي لفظن جي معنيٰ سمجهبي. تنهنڪري ضرورت آهي ته نماز جي لفظن جي معنيٰ سکجي، ۽ نماز پڙهڻ وقت معنيٰ تي غور ڪجي هتي نماز جا الفاظ معنيٰ سان ڏجن ٿا:

| 1 ــ سبحانك اللهم | وبحمدك | وتبارك اسمك |
|---|---|---|
| شان آهي تنهنجو اي خدا | ۽ تعريف تنهنجي | ۽ پاڪ آهي تنهنجو نالو |
| وتعالیٰ جدك | ولا اله غيرك | |
| ۽ اعليٰ آهي تنهنجي وڏائي | ۽ ڪونهي معبود سواءِ تنهنجي | |

| 2 ــ اعوذ بالله | من | الشيطٰن | الرجيم |
|---|---|---|---|
| پناهه وٺان ٿو الله جي | ڪنان | شيطان | لعنتي جي |

| 3 ــ بسم الله | الرحمٰن | الرحيم |
|---|---|---|
| ساڻ نالي الله جي | جو مهربان | ۽ بخشيندڙ آهي |

| 4 ــ الحمد لله | رب العالمين | الرحمٰن الرحيم |
|---|---|---|
| سڀ تعريف آهي الله جي | جو سڀني جهانن جو هلائيندڙ آهي | جو مهربان ۽ بخشيندڙ آهي |
| مالك يوم الدين | اياك نعبد | واياك نستعين |


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

| | | |
|---|---|---|
| مالڪ آهي ڏينهن قيامت جي جو | تنهنجي ئي عبادت ڪريون ٿا | تنهنجي ئي مدد گهرون ٿا |

| | |
|---|---|
| اهدنا الصراط المستقيم | صراط الذين انعمت عليهم |
| هدايت ڪر اسان کي رستي سڌي جي | رستو انهن جو جن تي تنهنجون نعمتون وسيون آهن |

| | | |
|---|---|---|
| غير المغضوب عليهم | ولاالضآلين | آمين |
| نہ انهن جو جن تي غضب آهي | ۽ نہ گمراه ٿيلن ٿا | شال ائين ٿئي |
| 5 ـ قل | هو الله احد | الله الصمد |
| چؤ تہ | هو الله هڪ آهي | الله بي نياز |

| |
|---|
| (يعني ڪيس ڪنهن جي پرواه ڪانهي مگر بي سب ڪنهن شيءِ جو مٿس مدار آهي ۽ ان جي مرضيءَ کان سواءِ هلڪي ڪين سگهندي) |

| | | |
|---|---|---|
| لم يلد | ولم يولد | ولم يكن له كفوا احد |
| هن نہ ڄڻيو آهي | ۽ نہ ڄائو آهي | ۽ ناهي هن جي برابر ڪوئي بہ يا ڪوئي بہ هن جهڙو ناهي |

| | |
|---|---|
| 6 ـ سبحان | ربي العظيم |
| شان آهي | منهنجي وڏي رب جو |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 7 ـ سمع | الله لمن | حمده | ربناولك الحمد |
| ٻڌي ٿو الله | ان کي جو | سندس تعريف ٿو ڪري | اي رب اسان جا تنهن جي ئي تعريف آهي |

| |
|---|
| 8 ـ سبحان ربي الاعلیٰ |
| شان آهي منهنجي رب جو جو سڀني کان مٿي آهي. |

| | | |
|---|---|---|
| 9 ـ التحيات الله | والصلوات | والطيبات |
| دائمي بقا الله جي | ۽ موچاريون | ۽ پاڪايون |

| |
|---|
| (بي معنيٰ التحيات = لفظن سان خدا جي عبادت ـ الصلوات = عملن سان عبادت ـ الطيبات = دولت سان يعني سخاوت سان خدا جي عبادت ـ اهي عبادتون جڳائن ٿيون الله کي) |

| | | |
|---|---|---|
| السلام عليک | يا ايها النبي ورحمة الله | وبرڪاته |
| سلام آهي توتي | اي پيغمبر ۽ رحمت الله جي | ۽ برڪتون |
| السلام علينا | وعلیٰ عباد الله الصالحين | اشهد |



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

| | | |
|---|---|---|
| سلامتي هجي | اسان تي ۽ الله جي ڀلارن ٻندن تي | شاهدي ٿو ڏيان |
| ان لا الله الا الله | واشهد ان محمداً عبدهٗ و رسوله | |
| تہ ڪونهي معبود سواءِ الله جي | ۽ شاهدي ٿو ڏيان تہ محمد (ﷺ) سندس ٻانهو ۽ پيغام پهچائيندڙ آهي | |
| 10 – اللهم | صل علیٰ محمد | |
| اي الله | وڏو شان ڪر محمد ﷺ جو | |
| و علیٰ آل محمد | کما صليت علیٰ ابراهيم | |
| ۽ سندس آل جو | جيئن ڪيئي وڏو شان ابراهيم | |
| و علیٰ آل ابراهيم | انک حميد مجيد | اللهم |
| ۽ ابراهيم جي آل جو | تحقيق تون تعريف جوڳو ۽ وڏي شان وارو آهين | اي الله |
| بارک علیٰ محمد و علیٰ آل محمد | کما بارکت علیٰ ابراهيم و علیٰ آل ابراهيم | |
| برڪتون ڪر محمد ۽ سندس آل تي | جيئن ڪيئي برڪتون ابراهيم (عليه السلام) ۽ سندس آل تي | |
| انک حميد مجيد | | |
| تحقيق تنهنجي تعريف ۽ شان ڪيو ٿو وڃي | | |
| 11 – رب اجعلني مقيم الصلوات | و من ذريتي | ربنا |
| رب منهنجا مون کي نماز تي قائم رک | منهنجي اولاد کي | اسان جا رب |
| و تقبل دعاءِ | ربنا اغفرلی | |
| ڪر دعا | رب اسان جا بخش ڪر مون کي | |
| و لوالدی | و للمؤمنين يوم يقوم الحساب | |
| منهنجي ماءُ پيءُ کي | ۽ مومنن کي ڏينهن قيامت جي | |
| 11 – السلام عليکم و رحمة الله | | |
| سلامتي هجي اوهان تي ۽ رحمت الله جي | | |
| 11 – اللهم | انا نستعينک | و نستغفرك |
| اي الله | اسين تنهنجي مدد تا گهرون | ۽ تنهنجي بخشش تا گهرون |
| و نؤمن بک | و نتوکل عليک | و نثنی عليک الخير |
| ۽ توتي ايمان آڻيون ٿا | ۽ توتي ڀروسو ڪريون ٿا | ۽ تنهنجي تعريف ڪريون |



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

| | | |
|---|---|---|
| | | تا چڱي طرح |
| ونشرڪ | ولانڪفرڪ | ونخلع |
| تنهنجو شڪر تا ڪريون | ۽ تنهنجي بي شڪرائي نہ تا ڪريون | ۽ اڇليون تا |
| ونترڪ | من يفجرڪ | اللهم اياڪ نعبد |
| ۽ ترڪ تا ڪيون | ان ڪي جو توکي نٿو مڃي | اي الله تنهنجي ٻانهپ تا ڪريون |
| ولڪ نصلي | ونسجد | واليڪ نسعیٰ |
| ۽ تنهنجي عبادت تا ڪريون | ۽ سجدو تا ڪريون | ۽ توڏي ڀڄون تا |
| ونحفد | ونرجو رحمتڪ | ونخشیٰ |
| ۽ تڪڙا ٿيون تا | ۽ اميد تا رکون تنهنجي رحمت جي | ۽ ڊڄون تا |
| عذابڪ | | ان عذابڪ بالڪفار ملحق |
| تنهنجي عذاب کان | | تحقيق تنهنجو عذاب ڪافرن سان شامل آهي |

سڄي نماز ۾ بار بر ”الله اڪبر“ چوڻ ۾ اچي ٿو جنهن منجهان اهو ضروري مطلب ٿو نڪري تہ نمازي الله تعاليٰ کي سيني کان وڏو سمجهي نماز جي سڀ ڪنهن حالت ۾ نهايت عجز ۽ نياز رکي. هڪڙي حديث ۾ آهي تہ نماز اهڙي نياز سان پڙهو جو ڄڻ تہ سچ پچ خدا تعاليٰ جي روبرو حاضر ٿيا آهيو جو تہ جيڪڏهن توهان هن کي نٿا ڏسو تہ هو تہ توهان کي ڏسي پيو. مسلمانن جي سڄي نماز الله تعاليٰ جي اعليٰ شان ۽ عظمت جو ۽ سندس پاڪائي ۽ ڪماليت جو اظهار آهي، ۽ پڻ انسان جو پنهنجي خالق تي هر طرح مدار ۽ محتا جي ڏيکاري ٿي. جئين جسم سڀ ڪنهن قسم جي تواضع ۽ بندگي واريون حالتون اختيار ٿو ڪري تئين زبان وري خدا جي سڀ شان ۽ ڪماليت جو اظهار ڪري ٿي، جنهن ڪري دل بہ ضرور پاڪيزه جذبن سان پرجيو ٿي وڃي. هر لفظ ۾ ڪهڙو نہ خدائي عظمت جو روح سمايل آهي، ڪيڏو نہ خدا تي ڀروسو ۽ توڪل ڏيکاريل آهي، سندس اطاعت جو اظهار ڪهڙو نہ عجيب نموني سان ڪيو ويو آهي، ۽ جيڪي خدا کان الڳ آهن تن سان واسطو نہ رکڻ جي ڪهڙي نہ زور سان خواهش ڏيکاريل آهي، ڪهڙو نہ سچو خدا جو خوف خدا جو ۽ ٻين کان بي ڊپائي ڏيکاريل آهي ! اهڙي شريف خواهش يا جذبو يا خيال آهي ئي ڪونہ جو متين لفظن ۾ ظاهر ڪيل ناهي.“

## روزا

روزا اگرچہ سڀ ڪنهن مذهب ۾ مقرر ٿيل آهن مگر اسلام هنن ۾ بلڪل نئين معنيٰ ۽ مقصد رکيو آهي. اسلام کان اڳي روزا گهٽو ڪري موت ۽ مصيبت جي



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

وقتن تي رکيا ويندا هئا. شايد انهي مطلب تي ته ڪاوڙيل خدا کي ٺارجي. اسلام ۾ روزا انسان جي اخلاقي ترقي ۽ روحاني بهتري لاءِ مقرر ڪيل آهي. اهو مقصد قرآن شريف ۾ بلڪل چٽيءَ طرح ڏيکاريل آهي، جتي روزن رکڻ جو حڪم ڪيل آهي. سورة البقره جي 173 آيت ۾ فرمايل آهي ته روزا اوهان جي واسطي مقرر ڪيا ويا آهن. انهي لاءِ ته توهين تقويٰ رکو. تنهنڪري نماز وانگر روزن جو مقصد به روح جي پاڪيزگي آهي جنهن سان انسان گناهن کان پري پچي. قرآن شريف رڳو چڱن ڪمن ڪرڻ ۽ گناهن کان پرهيز ڪرڻ جو حڪم ڪين ٿو ڪري پر انسان کي اهي رستا ٿو ڏيکاري جن تي هلڻ سان برائي جي خواهش دٻجي وڃي ۽ چڱائي جي قوة زور وٺي. انهن مان هڪڙو رستو آهي روزا رکڻ. تنهنڪري اسلام ۾ روزا رکڻ جي رڳي اها معنيٰ ناهي ته ماني کائڻ بند ڪجي پر گناهن کان به پرهيز ڪجي. هڪڙي حديث ۾ آهي ته هڪڙو روزيدار جو ڪوڙ ۽ گلا نه ٿو ڇڏي تنهن جي کائڻ پيئڻ جي ڇڏي ڏيڻ تي الله تعاليٰ کو ڌيان ڪو نه ٿو ڏئي. ٻي حديث آهي ته سڀ ڪنهن ماڻهوءَ کي روزي ۾ فاحش لفظن کان حذر ڪرڻ گهرجي ۽ رڳو ايذاءُ رسڻ تي به غصو نه ڪري. در حقيقت ڪاڏي کان پرهيز ڪرڻ هڪڙو ڏاڪو آهي جنهن تان انسان سکي ٿو ته جنهن صورت ۾ خدا جي حڪمن ڪري رڳو انهن شين کان جيڪي حلال آهن پرهيز ٿي ڪجي ته ڪيترو نه ضروري آهي ته گناهن ۽ حرام کان پرهيز ڪجي جن کان خدا تعاليٰ به منع ٿو فرمائي جن جو نتيجو به برو آهي. انسان جي قوتن کي طاقت وٺائڻ لاءِ تربيت يا استعمال جي قوتن کي طاقت وٺائڻ لاءِ تربيت يا استعمال يا ورزش گهرجي. خدا جي حڪم جي فرمانبرداري جي قوت کي محڪم ڪرڻ لاءِ هڪڙو وسيلو آهي روزا رکڻ. روزن رکڻ ۾ بدني فائدا به آهن. روزا بک ۽ اڃ سهڻ جي عادت سيکارين ٿا، ۽ سختين واري زندگي لاءِ تيار ڪري ٿا ڇڏين، ۽ عيش عشرت ۾ پئجي نازڪ ٿيڻ کان بچائين ٿا. تنهن کان سواءِ روزا تندرستي جي لاءِ به چڱا آهن. ٻيا فائدا هي آهن.

1) روزا اميرن کي غريبن جي حالت جي واقفيت عملي طور ڏين ٿا.
2) آسودن ۽ تنگدستن کي هڪ حالت ۾ آڻي مساوات جي اصول کي قوت وٺائن ٿا.
3) گرميءَ جي موسم آهي، روزيدار کي سخت اڃ لڳي آهي، اڪيلي جاءِ ۾ ٿڌو پاڻي هن جي سامهون رکيو آهي، تڏهن به هو پاڻي نٿو پئي.

روزيدار کي سخت بک لڳي آهي، بک کان جسم ۾ ضعف ٿو پائنين، کاڌو موجود آهي، هن کي ڏسي به ڪوئي ڪو نه ٿو ته به کائي نه ٿو.

پياري زال حاضر آهي، محبت جو جذبو هن کي زال ڏانهن ڇڪي ٿو، مگر روزيدار هن کان پري ٿو رهي.

سبب ڇا آهي؟ سبب هي آهي ته خدا جي حڪم جي عزت ۽ عظمت هن جي دل ۾ ايتري قدر ڄمي وئي آهي جو ڪوئي به جذبو هن تي غالب پئجي نٿو سگهي، ۽ روزوئي خدا جي عظمت ۽ جلال کي دل ۾ قائم ڪرڻ جو باعث آهي. هي ته ظاهر


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

آهي تہ جڏهن هڪ مؤمن خدا جي حڪم جي سببان جائز ۽ حلال خواهشن کي ڦٽي ڪرڻ جي عادت ٿو ڪري تڏهن هو ضرور (جيئن اڳي بہ چيو ويو آهي) خدا جي حڪم جي سبب ڪان ناجائز ۽ گندين عادتن ۽ خواهشن کي ڇڏي ڏيندو. اهائي اخلاقي پاڪيزگي آهي جنهن کي روزيدار جي اندر ۾ پيدا ڪرڻ ۽ محڪم ڪرڻ شريعت جو مقصد آهي.

## زڪواة

سڀ ڪنهن مذهب سخاوت جي ڀلائي ۽ ضرورت سمجهائي آهي، مگر اسلام ۾ نماز وانگر سخاوت بہ باقاعدي مقرر ڪئي ويئي آهي ۽ ان جو نالو زڪواة رکيو ويو آهي. اهڙي سخاوت هڪڙو دائمي قانون بنجي پيو آهي. اسلام سخاوت فرض ڪئي آهي، ۽ جيڪو ئي اسلام ۾ داخل ٿئي سو زڪواة ڏيڻ لاءِ ٻڌل آهي. مسلمان هڪ برادري آهن، ۽ ان برادري ۾ ڪوئي بہ شاهوڪار داخل ٿي نہ ٿو سگهي جيستائين هو پنهنجي دولت مان ان برادريءَ جي غريب ڀائرن جي مدد لاءِ ڪجھ حصو ڏيڻ تي راضي نٿو ٿئي. زڪواة هڪ عملي آزمائش آهي جا هن کي غريب ۾ غريب ڀاءُ سان برابر ڪري ٿي، ۽ زڪواة هڪ ڏِل آهي جا مسڪينن جي فائدي لاءِ شاهوڪارن ڪان اڳاڙڻ ۾ اچي ٿي. اهڙي طرح شاهوڪارن ۽ غريبن جي وچ ۾ سچي برادري قائم ڪئي ويئي آهي.

زڪواة ڏيڻ هڪ اهڙو مڪيہ فرض آهي جو نماز ڪان پوءِ اهو ئي سيني ڪان وڌيڪ ضروري سمجهڻ ۾ اچي ٿو. قرآن شريف ۾ اڪثر ڪري ان جو حڪم نماز سان شامل ڪيو ويو آهي. هڪ حديث آهي تہ زڪواة هڪ سخا جو تحفو آهي جو مسڪينن جي فائدي واسطي شاهوڪارن ڪان ونجي ٿو.

زڪواة جا حقدار قرآن مجيد موجب هي آهن 1 – مسڪين 2 – گهرج وارا 3 – قرضي 4 – قيدي (آزاد ڪرائڻ لاءِ) 5 – مسافر 6 – زڪواة اڳاڙڻ ۽ ڪم هلائڻ لاءِ مقرر ڪيل نوڪر 7 – اهي جن جون دليون حق ڏانهن مائل ٿين 8 – الله جي راه ۾ ڪم ڪندڙ.

مسڪينن ۽ گهرج وارن ۾ تفاوت هي آهي تہ مسڪين اهي آهن جي پنهنجي گذران لائق ڪمائي نٿا ڪري سگهن ۽ تنگ گذران اٿن، مگر گهرج وارا اهي آهن جن کي ڪنهن وقت ڪمائي ڪرڻ لاءِ اوزارن وغيره جي گهرج آهي ۽ خريد ڪرڻ لاءِ پيسو ڪونهين. ڪو شخص ڪمائي ڪرڻ جو لائق بہ آهي پر قرض بہ اٿس، هن جو قرض زڪواة جي مال مان ڏيئي ڇڏجي. قيدي اهي آهن جي جنگ ۾ جهليا ويا آهن. زڪواة مان ڪجھ حصو انهن کي آزاد ڪرائڻ لاءِ خرچ ڪجي. مسافر اگرچہ شاهوڪار هجي تہ بہ بعضي وقتن تي اتفاقن سببان ڌارين ملڪن ۾ هو محتاج ٿي ٿو پوي. تنهن ڪري زڪواة جو ڪجھ حصو اهڙن مسافرن جي مدد لاءِ خرچ ڪجي. ڇهين نمبر واري حقداري ڏيکاري ٿي تہ زڪواة هر حالت ۾ سرڪاري طور ڳڏ ڪري خرچ ڪرڻي آهي،


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ائين ناهي ته هر ڪنهن شخص کي جيئن وڻي تئين زڪواة جا پيسا پنهنجي ليکي خرچ ڪري ڇڏي. پگهار تي ماڻهو مقرر ڪرڻ گهرجن جي زڪواة اڳاڙي بيت المال ۾ گڏ ڪن ۽ ان جي خرچ جو انتظام رکن، انهن جي پگهار زڪواة جي پيسن مان ڏيڻ گهرجي.

پويون ٻه حقداريون اسلام جي اشاعت بہ بنسبت آهن. ڪيترائي اهڙا ماڻهو هوندا آهن جي سلام ڏي مائل هوندا آهن ۽ اسلام جي تعليم معلوم ڪرڻ جي خواهش ڏيکاريندا آهن مگر انهن کي اسلام سيکارڻ جي انتظام لاءِ پيسا گهرجن. في سبيل الله خرچ ڪرڻ (يعني الله جي راه ۾) جو مطلب آهي دين اسلام جي واڌاري ۽ بچاءَ لاءِ خرچ ڪرڻ. اسلام جي اشاعت ڪرڻ لاءِ تقريرن، تحريرن ۽ تصنيفن جي ضرورت تئي تي ۽ مخالفن جي اعتراضن جا رد ڏيڻا تا پون. انهيءَ ڪم لاءِ بہ پيسا کپن، ۽ اهي پيسا زڪواة جي پيسن مان ڪڍي سگهجن تا. ارمان جي ڳالهہ آهي تہ مسلمانن زڪواة جي خرچڻ بنسبت هن فرض کي ٻن ٽن صدين کان بلڪل وساري ڇڏيو آهي. نتيجو اهو ٿيو آهي جو اسلام جي پاڪ دين جي اشاعت لاءِ ڪا ورلي ڪوشش ڪئي تي وڃي.

زڪواة ادا ڪرڻ سان زڪواة ڏيڻ واري کي هي فائدو ٿو تئي جو مال جي محبت انساني اخلاقن تي غالب پئجي نہ تي سگهي، ۽ ڪنجوسائي جي عيبن کان انسان پاڪ ٿو رهي، ۽ هي بہ فائدو ٿو تئي جو غريبن ۽ مسڪينن کي هو پنهنجي قوم جو جز سمجهي ٿو، ۽ انهي ڪري بيحد دولت جو جمع ٿيڻ بہ هن ۾ تڪبر ۽ هٺ پيدا نہ ٿو ڪري، ۽ هي بہ فائدو تئي ٿو جو غريبن جو وڏي جماعت کي هن سان محبت ۽ هن جي دولت سان خير خواهي پيدا تئي تي. ڇو تہ هو هن جي مال ۾ پنهنجو هڪ حصو موجود ۽ قائم سمجهن تا. قوم کي هي فائدو ٿو تئي جو پنڻ جي رسم قوم مان نڪري تي وڃي.

**نوٽ 1** – مسلمان جيڪڏهن پوري طرح باقاعدي زڪواة اڳاڙي بيت المال ۾ گڏ ڪري باقاعدي انتظام رکن ها تہ جيڪر گهڻا قرضن کان آزاد هجن ها، ۽ وياج خورن جي چنبن ۾ نہ ڦاسن ها. مسلمانن جي ليڊرن تي فرض آهي تہ هڪدم سجاڳ ٿي هڪ جماعت مقرر ڪري زڪواة اڳاڙين ۽ اڳريل پيسا مٿي ڏيکاريل حقن موجب خرچ ڪرڻ جو انتظام رکن.

**نوٽ 2** – ائين نہ سمجهڻ گهرجي تہ جو شخص زڪواة ڏئي تنهن کي وڌيڪ سخاوت ڪرڻ نہ گهرجي. وڌيڪ سخاوت ڪرڻ جو قرآن مجيد بار بار تاڪيد ڪيو آهي، ۽ ان جو اجر نهايت اعليٰ آهي.

## حج

مڪي ۾ حج ڪرڻ سڀ ڪنهن مسلمان تي حياتي ۾ هڪ ڀيرو فرض آهي، بشرطيڪ هن کي مسافري جو خرچ ۽ سگهہ هجي، ۽ پوين لاءِ پورو خرچ ڇڏي ٿو


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

سگهي. جان جي سلامتي بہ ضروري شرط آهي. حج ذوالحج مهيني ۾ ڪبو آهي ۽ حاجين کي ستين تاريخ کان اڳ مڪي پهچڻ گهرجي. حج جا ارڪان هي آهي:

1) احرام ٻڌڻ – حاجي پنهنجا رواجي ڪپڙا لاهي ڦٽي ڪندا آهن، ۽ سيئي هڪ قسم جو لباس پهريندا آهن. اهو لباس آهي فقط بہ چادرون. مٿو اگهاڙو هوندو آهي.
2) طواف – يعني ڪعبة الله جي چوڌاري ست ڀيرا ڦرڻ.
3) سعي – يعني صفا ۽ مرو (جي بہ ٽڪريون آهن) جي وچ ۾ ست ڀيرا ڊوڙڻ.
4) عرفات جي ميدان ۾ گڏ ٿيڻ.

هن مان ڏسبو تہ احرام سيني مردن ۽ عورتن کي مساوات جي ميدان ۾ هڪ جهڙو ڪري ٿو ڇڏي سڀ هڪ جهڙي سادي پوشاڪ پهرن ٿا، ۽ هڪ جهڙي سادي حالت ۾ رهن ٿا. مرتبن، رنگن، دولت ۽ قوم جا سڀ تفاوت اتي گم ٿي ٿا وڃن، ۽ بادشاه ۽ ڪڙميءَ کي اتي سڃاڻي ڪين سگهبو. سڀ ذات انسان پنهنجي خالق جي اڳيان هڪجهڙو نظارو ۽ هڪ جهڙي روش اختيار ڪري ٿي ۽ اهڙي طرح انسانن جي برابري جو سڀ کان وڏيڪ شاندار ۽ اعليٰ نظارو عرفات جي عجيب بياباني ميدان ۾ ظهور وٺي ٿو، جو سچ پچ انسان کي پنهنجي خالق جي سچي ڄاڻ حاصل ڪرائي ٿو. لفظ "عرفات" "عرف" مان نڪتو آهي جنهن جي معنيٰ آهي "هن ڄاتو". سڄي دنيا اهري سچي برادري ۽ عملي مساوات جي شاندار تصوير ڪٿي بہ ڪانہ ٿي ڏيکاري. حج ۾ سيني جي واسطي اهو سادو لباس انهيءَ لاءِ رٿيو ويو آهي تہ هڪ الله، هڪ رسول ۽ هڪ ڪتاب (قرآن شريف) تي ايمان رکڻ وارا هڪ صورت ۽ هڪ لباس ۾ هڪ ئي سطح تي نظر اچن، ۽ ظاهري اڪ کي بہ هنن باطني ميلاپ رکندڙن جي وچ ۾ ڪو ظاهري اختلاف يا فرق معلوم نہ ٿئي.

حج ڪندڙ جي حالت ۽ ان جون حج بنسبت هلتون جهڙوڪ طواف ۽ هيڏي هوڏي ڊوڙڻ درحقيقت انهيءَ منزل جو ظاهري نظارو آهي جنهن ۾ عابد خدا جي سچي عشق ۾ پرپور ٿي ٿو وڃي. دل ۾ خدائي عشق جي آگ لڳڻ ڪري هو سچي عاشق وانگر جسماني ضرورتن جو ڪوبہ خيال نہ ٿو رکي، ۽ پنهنجي محبوب واسطي پنهنجي دل ۽ روح کي قربان ڪرڻ ۾ هن کي وڏي راحت حاصل ٿي ٿئي. سچي عاشق وانگر محبوب جي گهر جي چوڌاري ڦيرا ٿو ڏئي ۽ هڪ جاءِ کان ٻيءَ جاءِ ڏي ڊوڙون ٿو پري. هو حقيقتاً ڏيکاري ٿو تہ هن پنهنجون خواهشون ڦٽي ڪيون آهن ۽ پاڻ کي پوري طرح خدا جي حوالي ڪري ڇڏيو اٿس ۽ خدا جي واسطي پنهنجون ذاتي لذتون قربان ڪري ڇڏيون اٿس. حيواني لاڳاپا سڀ قطع ٿي ويا آهن، ۽ هن دنيا جون لذتون هن کي هاڻي بلڪل ڪين ٿيون وڻن. هي حقيقتاً روحاني ترقي جي آخري منزل ٿو ڏيکاري، ۽ حج ڪندڙ پنهنجي ظاهري حالت ۾ هلتن سان سڄي دنيا کي ظاهر ڪري ٿو ڏيکاري تہ ڪيئن انساني ڪماليت جي مقصد کي رسڻ لاءِ حيواني لاڳاپا لاهي ڇڏجن، جا ڪماليت فقط خدا جي قربت حاصل ڪرڻ سان ملي ٿي.

ياد رکڻ گهرجي تہ اسلام اهو محبت جو پيغام آهي جو وڇڙيلن کي ملائي ٿو ۽


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

اڻ واقفن کي واقف ۽ واقفن کي سچا دوست بنائي ٿو. اسلام جي منشاءِ اها ئي آهي تہ مختلف شخص کي هڪ ملت (نيشن) ٺاهي هڪ ڪلمي تي جمع ڪيو وڃي.

هر هڪ پاڙي جي ماڻهن ۾ محبت ۽ ٻڌي پيدا ڪرڻ ۽ قائم رکڻ لاءِ پنجن نمازن جي وقت هڪ مسجد ۾ جمع ٿيڻ، پاڙي جي ماڻهن تي واجب ٿيو. سڄي شهر جي ماڻهن ۾ محبت ۽ تعلقات وڌائڻ لاءِ هفتي ۾ هڪ ڀيرو انهن جو مسجد ۾ گڏ ٿي جمع جي نماز ادا ڪرڻ ضروري ٺهرايو ويو.

شهر ۽ آسپاس جي رهڻ وارن ۾ ڄاڻ سڃاڻ تعلق ۽ محبت قائم ڪرڻ لاءِ سال ۾ ٻہ ڀيرا عيد جون نمازون مقرر ڪيون ويون آهن. ٻنهي موقعن تي ڳوٺن جا ماڻهو شهر ڏانهن اچن ٿا، ۽ شهر جا ماڻهو ٻاهر نڪري انهن سان ملن ٿا، ۽ رلي ملي عبادت ادا ڪن ٿا.

سڄي اسلامي دنيا ۾ دين جي ميلاپي ڏاڳي کي مضبوط ڪرڻ، مختلف قومن، مختلف نسلن، مختلف ٻولين، مختلف رنگن ۽ مختلف ملڪن جي ماڻهن کي هڪ دين جي وحدت ۾ شامل ڪرڻ لاءِ حج سڄي عمر ۾ هڪ ڀيرو فرض ڪيو ويو آهي.

حج جو مقصد اسلام جي شوڪت جو اظهار بہ آهي، ۽ خشڪي ۽ پاڻي جي سفر مان جي فائدا حاصل ٿي سگهن ٿا سي بہ هن مقصد ۾ داخل آهن. بادشاه کي جو مطلب شاندار درٻارون ڪرڻ مان حاصل ٿئي ٿو سو سڀ حج مان ملي سگهي ٿو.

هڪ سپہ سالار کي جو مطلب وڏي فوج کي نظر مان ڪيڻ ڪري حاصل ٿئي ٿو سو بہ حج اندر موجود آهي. ڪانفرنسن جو مطلب جو ساليانن جلسن ۽ ميمبرن تي جمع ٿيڻ مان نڪري ٿو سو بہ حج اندر رکيل آهي.

سوداگرن جو مقصد جو عالمگير نمائش ڪرڻ مان نڪري ٿو سو بہ حج اندر موجود آهي.

قديمي آثار ڳوليندڙن، ڌرتي جو علم ڄاڻندڙن، گهڻين ٻولين جي واقفن ۽ قومن ۽ قومن جي تاريخ ۽ ملڪن جي جغرافيہ جي تحقيق ڪندڙن کي جن ڳالهين جي گهرج پوي ٿي سي سڀ حج مان ملي ٿيون سگهن.

**نوٽ** – ارمان جي ڳالهہ آهي جو مسلمان اهي فائدا نٿا وٺن. حج تي اڪثر اهي ماڻهو ويندا آهن جي اڻ پڙهيل ۽ مسڪين آهن جن ويچارن تي حج فرض ئي ناهي. اهي مٿي ڄاڻايل فائدن مان ڪي فائدا حاصل ڪري نہ ٿا سگهن. مگر جيڪڏهن دولتمند، عالم، آفيسر، نواب ۽ بادشاهہ بہ حج ڪرڻ وڃن ۽ اتي هڪ ٻئي سان ميل ميلاپ رکن تہ اهي سڀ فائدا حاصل ڪري سگهن ٿا.



سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# تعليمات اسلام

**ديباچو**

هن ننڍڙي ڪتاب کي تعليمات اسلام جو ديباچو سڏجي تہ وڌيڪ شايان آهي. هن ۾ فقط اسلام جا بنيادي اصول بيان ڪيل آهن. تعليمات اسلام بابت انشاءِ الله تعاليٰ هي مسڪين ٻيو ننڍڙو ڪتاب لکندو.

هن ڪتاب جون خوبيون اهو شخص چڱيءَ طرح پروڙي سگهندو جنهن کي سنڌ جي مسلمانن جي اعتقادن ۽ عملن جي پوري خبر هوندي. سنڌ جي مسلمانن جي اها ئي حالت آهي، جيڪا مرحوم شمس العلماءَ مولانا الطاف حسين حالي پنهنجي زبردست نظم مسدس ۾ بيان ڪئي آهي. انهيءَ نظم هندستان ۾ صور اسرافيل جو ڪم ڏنو آهي. مسلمانن کي ننڊ مان اٿاري سجاڳ ڪيو آهي. اهو ڪتاب ڏيکاري ٿو تہ اوائلي مسلمانن جي هلت چلت ۽ خيالات قرآن شريف ۽ حديث موافق هئا. مگر زماني جي گردش ڪري مسلمانن ۾ عيش پرستي غالب پئجي وئي، جنهن جو نتيجو اهو ٿيو جو جاهليت ۽ ٻيا سيئي عيب نيم خواندنگي ۽ خود غرضي رفتہ رفتہ مسلمانن کي سچي دين کان غير واقف ڪري ڇڏيو. مولانا حالي ٿو فرمائي تہ هاٹوڪا عالم سڌي ۽ سادي معنيٰ کي ڇڏي ڏنگا ڦڏا مطلب تا ڪڍن. اڪثر عالمن جو خيال آهي تہ عقل ۽ شريعت هروڀرو موافق ناهن. حالانڪ قرآن شريف ۾ هر هڪ اعتقاد لاءِ دليل ۽ هر هڪ حڪم جا فائدا ٻڌايا ويا آهن. مرحوم مولانا شبلي نعماني، حضرت عمر رضي الله عنه ۽ امام اعظم ابو حنيفہ رحمة الله عليه جي سوانح عمرين ۾ ڏيکاريو آهي تہ هو ٻئي متبرڪ شخص عقل ۽ شريعت کي موافق سمجهندا هئا ۽ گهٽي قدر عقل کان ڪم وٺندا هئا. حديثن ۾ پڻ عقل ۽ سمجهہ جي ضرورت سمجهائي ويئي آهي. اسان جيڪڏهن دماغ کولي قرآن شريف ۽ حديث پڙهي ڏسون تہ هڪدم معلوم ٿي وڃي تہ اسان جي ترقي، ديني خواه دنيوي جو بهترين وسيلو اسلام ئي آهي. جيڪڏهن اسين وري پورا مسلمان ٿيون تہ هڪدم سيني کان گوءِ ڪٽي وڃون.

**اسلام ۽ علم**


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

حضور اڪرم ﷺ کان اڳ عربن جي حالت سچ پچ وحشين جهڙي هئي. ڪنهن جو اٺ پرائي پوک ۾ پوندو هو يا هڪڙو شخص ٻئي کان گهوڙو اڳ ۾ ڪڍي ويندو هو ته جنگ جو اهڙو ٻنيٺ ٻري پوندو هو جو هزارين خانا خراب ٿي ويندا هئا. ملڪ ۾ قانون ۽ ضابطو نه هئڻ ڪري ظلم زبردستي تمام گهڻي هوندي هئي. جان ۽ مال جي سلامتي بلڪل ڪانه هئي. تهذيب جو ته نشان به ڪو نه هو. ڌيئرن کي جيئري قبر جي حوالي ڪندا هئا. زنا جائز سمجهندا هئا. نه رڳو ايترو پر پيءُ جي زالن کان به نه ٽرندا هئا. شراب خوريءَ ۾ اهڙا مست ٿي ويندا هئا جو نشي ۾ پنهنجن عزيزن کي به قتل ڪري وجهندا هئا. ڪوڙ ۽ وعده شڪني جو عام رواج هو. دين جي اها حالت هئي جو ڪعبته الله ۾ 360 بت رکيل هئا. ازانسواءِ گهر گهر ۾ به بت رکيل هوندو هو. انهن بتن کي راضي ڪرڻ لاءِ هزارين اٺ ڪهي ڪٽي اڇلائيندا هئا جن کي ڪتا ۽ گدڙ پيا کائيندا هئا. ان وقت نه رڳو عرب جو ملڪ پر سڄي دنيا بگڙيل حالت ۾ هئي. اهو زمانو ايام جاهليت ٿو سڏجي. هن هڪڙي لفظ ۾ وڏو مقصد رکيل آهي. ڪفر جاهليت مان ٿو پيدا ٿئي، چو ته جاهل ماڻهوءَ کي ڪهڙي خبر ته اسلام ڇا آهي ۽ ڪفر ڇا آهي. حضور اڪرم ﷺ جو قول آهي ته الله تعاليٰ جا وڏا دشمن اهي آهن جي پاڻ کي سڏائين مسلمان مگر ڪم ڪن ڪفر جا. هن مان صاف ظاهر آهي ته جاهليت ڪفر کي ويجهي آهي ۽ علم کان سواءِ پورو مسلمان ٿيڻ محال آهي.

جڏهن سڄي دنيا جهل ۽ فساد ۾ غرق ٿي ويئي تڏهن الله تعاليٰ جي غيرت جو درياءُ جوش ۾ آيو ۽ سندس رحمت نازل ٿي. جهل جي ظلمات کي دور ڪري دنيا کي هدايت ۽ علم جي نور سان منور ڪرڻ لاءِ اسلام جو آفتاب مڪي معظم کان اڀري عالمتاب ٿيو. جاهليت هلي ويئي، علم جو دور آيو. عرب پاڻ ۾ يائر ٿي پيا. محبت ۽ اتفاق منجهن پيدا ٿيو. اتفاق ۽ علم جي ڪري مسلمان اندلس (اسپين) کان گنگا تائين پکڙجي ويا. بغداد ۽ بخارا مصر ۽ ڪاردووا علم جا مرڪز ٿيا. پهريون پهريون وحي جو حضرت جبرئيل عليه السلام آنحضرت ﷺ وٽ آندو سو هي هو:

اِقۡرَاۡ بِاسۡمِ رَبِّكَ الَّذِىۡ خَلَقَ ۚ﴿۱﴾ خَلَقَ الۡاِنۡسَانَ مِنۡ عَلَقٍ ۚ﴿۲﴾ اِقۡرَاۡ وَرَبُّكَ الۡاَكۡرَمُۙ ﴿۳﴾ الَّذِىۡ عَلَّمَ بِالۡقَلَمِۙ ﴿۴﴾ عَلَّمَ الۡاِنۡسَانَ مَا لَمۡ يَعۡلَمۡؕ ﴿۵﴾

ترجمو: پڙهه پنهنجي رب جي نالي سان جنهن خلق کي خلقيو ۽ انسان کي ٻڌل رت جي ڦڙي مان ناهيو، پڙهه رب تنهنجو ڏاڍو مهربان آهي جنهن قلم جي وسيلي علم سيکاريو ۽ انسان کي اهي ڳالهيون سيکاريائين جن جي خبر ئي ڪانه هيس. *(سورت العلق:1-5)*

هن مان به صاف ظاهر آهي ته الله تعاليٰ جو پهريون حڪم جو اسان جي نبيﷺ کي مليو سو لکڻ ۽ پڙهڻ جو حڪم هو ۽ اسلام جهل کي ڪڍڻ ۽ علم


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

پکيڙڻ لاءِ آيو. الله تعاليٰ جيکي نالا پنهنجي ڪلام کي ڏنا آهن سي به لکڻ ۽ پڙهڻ جي ضرورت تا ڏيکارين، ”قرآن“ جي معنيٰ آهي ”جيکي پڙهيو وڃي“ ۽ ”ڪتاب“ جي معنيٰ آهي ”جيکي لکيو وڃي“، ازانسواءِ قرآن شريف ۾ جتي ڪافرن جو ذڪر ڪيل آهي اتي ڪين جاهل ڪوٺيو ويو آهي ۽ چيو ويو آهي ته هو نٿا ڄاڻن. مطلب ته علم کان سواءِ اسلام حاصل ٿي نٿو سگهي. هاڻي هتي حضرت رسول ﷺ جا ڪي ٿورا قول (حديثون) علم بابت ڏجن ٿا:-

1) علم جي طلب ڪريو اگرچه چين ولايت ۾ ملي.
2) عالم جي مَسُ شهيد جي رت کان وڌيڪ پاڪ آهي.
3) جو شخص عالم جي عزت ٿو ڪري سو منهنجي عزت ٿو ڪري.
4) علم جي طلب سڀ ڪنهن مسلمان مرد توڙي عورت تي فرض آهي.
5) جو شخص علم جي شغل ۾ ٿو رهي سو گويا مري ئي نٿو.
6) علم واري جا الفاظ ٻڌڻ ۽ ٻين کي علم جا سبق سيکارڻ عبادتن کان بهتر آهي.
7) علم حاصل ڪريو، علم حق ۽ ناحق ۾ فرق ڪرڻ سيکاري ٿو بهشت جو رستو ڏيکاري ٿو، بيابان ۾ اسان جو دوست آهي، اڪيلائي ۾ سنگتي آهي، هيٺائي ۾ همراهه آهي، اسان کي سعادت (سک ۽ آرام) ڏانهن نئين ٿو، مشڪلاتن ۾ اسان جو ٽنب آهي، دوستن ۾ سينگار آهي ۽ دشمنن ۾ زره آهي.

اڄ ڪلهه گهڻن ماڻهن جو خيال آهي ته هي سڀ ديني علم واسطي چيل آهي نه ڪي دنيوي علم واسطي. پر جيڪڏهن ائين هجي ها ته خاص طرح علم الدين جو لفظ ڪم آندل هجي ها. در حقيقت سڀ مفيد علم دنيا خواهه دين لاءِ ضروري آهي. اسلام جي تاريخ مان معلوم ٿيندو ته مسلمان سڀ ڪنهن قسم جي علم ۽ هنر کي وٺي ويا. نه رڳو ٻين قومن جا ڪتاب پڙهيائون، پر انهن جو عربي ۾ ترجمو به ڪيائون، ۽ انهن علمن جي ڪري ئي ايتري ترقي ڪيائون جو اڌ دنيا تي سندن حڪم ٿي هليو.

## دين جي ضرورت ۽ اعتقادن جو عملن تي اثر

اسان کي ڪنهن خلقيو؟ ڄمڻ کان اڳ اسان جي ڪهڙي حالت هئي؟ دنيا ۾ اسان ڇا لاءِ پيدا ٿيا آهيون ۽ اسان کي ڇا ڇا ڪرڻو آهي؟ مرڻ کان پوءِ اسان جو ڪهڙو حال ٿيندو؟ اهي سوال اهڙا آهن جي سڀ ڪنهن سمجهو ماڻهو کي دل ۾ پيدا ٿين ٿا. پر انهن جو پورو جواب عاقل ۽ فيلسوف به نه ڏيئي سگهيا آهن. انهن سوالن جي جواب تي انسان جي سعادت (سک) ۽ ترقي منحصر آهي. مگر تسلي جهڙن جوابن نه ملڻ ڪري انسان کي خدا تعاليٰ جي وجوديت (هئڻ) ۾ شڪ ٿو پوي، بلڪ هو خدا جي وجوديت جوانڪار به ٿو ڪري. تنهن ڪري هو بيخوف ٿي پنهنجي ناقص عقل موجب پنهنجي نفس کي خوش رکڻ لاءِ گناهن ۽ فسادن ۾ منهن ٿو وجهي، جنهن جو نتيجو


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

اهو تہ ٿئي جو ملڪ ۾ فتنا فساد ۽ مصيبتون ڪاهي ٿيون پون. يورپ جو مثال وٺو، يورپي ماڻهن اگرچہ علم ۽ عقل ۾ حيرت انگيز ترقي ڪئي آهي تڏهن بہ سندن ڪن قومن ۾ زنا، جوا، شراب خوري ۽ ٻيا ڪيترائي تباهہ ڪندڙ عيب گهر ڪري ويا آهن. ڇو تہ انسان جي ناقص عقل کي خبر ڪانہ ٿي پوي تہ اهڙن گناهن مان ڪيترو نقصان آهي. جيڪڏهن يورپ ۾ بہ هن وقت سچي دين جو اثر هجي ها تہ سندن حالت عاليشان هجي ها. حقيقت هيءَ آهي تہ مٿيان سوال انساني عقل کان ٻاهر آهن. فقط سچو دين ئي انهن جو جواب ڏيئي ٿو سگهي. ۽ فقط سچو دين ئي نفس اماره تي غالب پئجي ٿو سگهي. تنهن ڪري سچي دين هئڻ کان سواءِ انسان سچو سک هرگز حاصل ڪري نٿو سگهي.

جيڪڏهن انسان جي فطرت يا طبيعت کي جانچي ڏسبو تہ معلوم ٿيندو تہ انسان ۾ٻين قوتن سان گڏ روحاني قوت بہ رکيل آهي. جيڪي جهنگلي اگهاڙا ماڻهو جبلن ۾ وحشين وانگر ٿا رهن سي بہ ڪنهن نہ ڪنهن بالائي طاقت ۾ ويساهہ ٿا رکن ۽ ان کي راضي ڪرڻ لاءِ ڪانہ ڪا عبادت ٿا ڪن. وري جي سڌريل قومن جي ڏاهن ۽ فيلسوفن کي ڏسندؤ تہ اگرچہ انهن مان ڪي خدا کي مڃيندڙ ناهن، تڏهن بہ مرڻ وقت جذبي طور بي اختيار خدا کي پڪاري رحمت ٿا گهرن. اها جا روحاني طاقت انسان ۾ رکيل آهي تنهن کي زور وٺائڻ ۽ سڌي راهہ تي هلائڻ لاءِ سچي دين جي ضرورت آهي.

قومن جي تاريخ پڙهندي معلوم ٿيندو تہ جڏهن ڪنهن قوم ۾ ديني سڌارو ٿيو آهي تڏهن ان قوم دنيائي ڪمن ۾ بہ سڀ ڪنهن طرح ترقي ڪئي آهي. مگر جڏهن انهن ۾ ديني اعتقاد ڪمزور ٿي ويا، يا دين جو بگاڙو ٿيو تڏهن وري زواليت پاتائون. مسلمانن جي تاريخ ڏيکاري ٿي تہ اسلام جي شروعات ۾ مسلمانن حيرت انگيز ترقي ڪئي، مگر جڏهن دولت ۽ حڪمراني هنن کي عيش پرست ۽ سست بنائي دين کان بي پرواهہ ڪيو، تڏهن دنيائي شان و شوڪت بہ ڪانئن منهن موڙيو تان جو ترين پر اچي ڪريا. تاريخ اسان کي چٽيءَ طرح سبق ٿي سيکاري تہ سچي دين کان سواءِ سچي ترقي ٿيڻ محال آهي.

مٿي چيل آهي تہ انساني عقل نفساني خواهشن تي ئي غالب پئجي نٿو سگهي، فقط ديني اعتقاد ئي نفس کي وس ۾ رکي ٿا سگهن. انهيءَ جو هڪڙو سبب هي آهي تہ انسان جو عقل ڪامل ناهي. ڏسو تہ عقل ۾ يورپ جي ماڻهن ڪيڏي ترقي ڪئي آهي تڏهن بہ هو اجا شراب جا نقصان نٿا سمجهي سگهن. ٻيو سبب هي آهي تہ نفساني جذبا تکا آهن مگر عقل ڍرو ۽ ديرينو آهي، تنهن ڪري جيستائين عقل کي فرصت ملي تنهن کان اڳي ئي نفساني جذبي موجب عمل ٿي ٿو وڃي. هن جو مثال هي آهي تہ ڪيترائي ماڻهو ڄاڻن بہ ٿا تہ شراب نقصان ڪار آهي تہ بہ ڇڏي نہ ٿا سگهن. مگر دين ۾ ايترو تہ اثر آهي جو جڏهن پهريائين پهريائين مديني ۾ پڙهو گهميو تہ شراب حرام ٿي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ويو، تڏهن هڪدم مسلمانن رڪيل شراب هاري ڇڏيو، ۽ شراب پيئڻ هميشہ لاءِ ڇڏي ڏنائون. هن مان معلوم ٿيو تہ چڱن عملن ڪرڻ لاءِ صحيح ديني اعتقادن جي ضرورت آهي. عمل ۽ اخلاق اعتقادن تي منحصر آهن. اسان جيڪو ئي ڪم ٿا ڪريون تنهن بابت پهريائين اهو ويساهہ ٿا رکون تہ هن عمل مان اسان کي فائدو پوندو، تنهنڪري جيڪڏهن اسان جا اعتقاد صحيح هوندا تہ عمل بہ فائدي وارا ڪنداسين، جيڪڏهن اعتقاد غلط هوندا تہ عمل بہ زيانڪار ڪنداسين. مثلن ايام جاهليت وارا عرب سمجهندا هئا تہ جيڪي اٺ اسان کهي جهنگ ۾ ڇڏيندا سي اسان جا ديوتائون ڪاٽي اسان تي راضي ٿين ٿا. انهيءَ غلط ويساهہ جي ڪري هنن جا هزارين اٺ ضايع ٿيندا هئا. جيڪڏهن اسان هڪ الله کي قادر ۽ حاضر ناظر ڄاڻنداسين ۽ اهو اعتقاد پڪيءَ طرح دل تي وهارينداسين تہ قرآن شريف الله تعاليٰ جو ڪلام آهي جنهن ۾ فلاڻن فلاڻن عملن جو حڪم ۽ فلاڻن فلاڻن جي سخت منع آهي تہ ڪڏهن بہ اسان کي خراب عملن ڪرڻ تي دل نہ ورندي. اها تہ ڳالهہ ظاهر آهي تہ جڏهن ڪو ماڻهو ڪو گناهہ ڪندو آهي تڏهن ٻين ماڻهن کان لڪي ڪندو آهي. هاڻي جيڪڏهن اسان جي دل ۾ يقين هوندو تہ الله تعاليٰ هر جاءِ حاضر ناظر آهي ۽ جيڪي اسين ڪيون ٿا ۽ چئون ٿا سو سڀڪي وينو ڏسي ۽ ٻڌي تہ اسان کي ڪيئن گناهہ ڪرڻ جي جرات ٿيندي. ماڻهو جو گناهہ ڪن ٿا سو هن ڪري جو هنن جو اهو اعتقاد رڳو زباني آهي نہ دلي. چو تہ پنهنجن عملن سان هو ڏيکارين ٿا تہ انهيءَ ڳالهہ جا هو سچ پچ منڪر آهن. جيڪڏهن اسان جو پڪو دلي اعتقاد هجي تہ الله تعاليٰ جو فرمودو آهي تہ فلاڻي ڪم ڪرڻ ڪري اسان کي هن دنيا خواهہ آخرت ۾ عذاب ملندو تہ ڇو جيڪر اهو ڪم ڪريون. آهي ڪو اهڙو شخص جيڪو ڄاڻي ٻجهي پاڻ کي عذاب ۾ وجهي. دين جو جاهل ماڻهو ٻي سمجهہ ٻار وانگر آهي. ننڍي ٻار کي خبر ڪانهي تہ باهہ ۾ هٿ وجهڻ ڪري هٿ سڙندو يا مٽي کائڻ ڪري تندرستي خراب ٿيندي. تيئن دين کان غير واقف يا بد اعتقاد ماڻهو کي بہ خبر ڪانهي تہ ڪوڙ ۽ چوري وغيرهہ مان ضرر رسندو. ڏسو تہ ڪو ماڻهو بيمار ٿو ٿئي ۽ حڪيم ان کي ڪن شين کائڻ کان منع ٿو ڪري تہ هو هڪدم هن تي ويساهہ آڻي اهي شيون کائڻ ڇڏي ٿو ڏئي. اڄوڪي زماني جا ماڻهو الله تعاليٰ جي فرمودن کي ايترو وزن بہ نہ ٿا ڏين جيترو حڪيمن جي چوڻ کي ٿا ڏين. هن مان صاف صاف معلوم ٿيندو تہ اسان جو گناهہ ٿا ڪيون ۽ خدا جي حڪمن کان منهن ٿا موڙيون سو رڳو انهيءَ ڪري جو يا تہ اسان دين کان غير واقف آهيون يا تہ پنهنجي دين کي چڱيءَ طرح پروڙي پڪو اعتقاد نہ رکيو اٿئون. اسان جو اعتقاد دين اسلام ۾ ڪيئن پڪو ٿئي تنهن لاءِ هينين ڳالهين تي غور ڪرڻ گهرجي.

**اسلام جي صداقت**

مٿئين باب ۾ ڏيکاريو ويو آهي تہ دنيا ۾ چڱيءَ طرح هلڻ لاءِ سچي دين ۽


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

صحيح اعتقادن جي ضرورت آهي. هاڻي سوال هي ٿو اٿي ته ڪيئن پڪ پوي ته اسان جو دين سچو آهي ۽ اسلام جا اعتقاد صحيح آهن. پهريائين اسان کي اهو فيصلو ڪرڻو آهي ته دين ڇا آهي. مٿي چيو اٿئون ته دين جا مسئلا جهڙوڪ خدا تعاليٰ جي وجوديت ۽ سندس صفتون انساني عقل کان ٻاهر آهن. جيڪڏهن ڪو به انسان پنهنجي عقل سان ديني مسئلن بابت راءِ ڏيندو ته اسان کي هرگز پڪ ڪين ٿيندي ۽ نڪي ٿيڻ گهرجي ته هن جا خيال هروڀرو برابر آهن. اسين ڏسون پيا ته ديني مسئلن بابت سيني ماڻهن جا رايا هڪ جهڙا ڪين آهن، بلڪ اڪثر مخالف آهن. پوءِ ڪيئن پڪ پوندي ته ڪهڙا صحيح آهن ۽ ڪهڙا غلط آهن. ڪي ماڻهو وري چوندا آهن ته پنهنجو عقل ڪم آڻجي، ۽ جيڪي غلط نظر اچن تن کي رد ڪجي. پر اسان جو پنهنجو عقل ناقص ناهي ڇا؟ انهن مشڪلاتن لاهڻ واسطي الله تعاليٰ پنهنجي فضل سان هر قوم ڏي وقت بوقت پيغمبر پي موڪليا آهن، ۽ انهن جي معرفت پنهنجا ڪتاب انسان جي هدايت لاءِ پي موڪليا اٿس. اهي ڪتاب انساني نه آهن، اهي خدائي ڪلام آهن. جيڪي ماڻهو اها ڳالهه نٿا مڃين يعني وحي ۾ ويساهه نٿا آڻين تن جي خبر ناهي ته پنهنجي ديني ڪتابن ۾، جن کي انساني ڪلام ٿا سمجهن، ڪيئن پڪو ويساهه رکندا هوندا. انساني ڪلام ته ضرور ناقص هوندو. هن مان ثابت ٿيو ته سچو دين اهو سمجهبو جو الله تعاليٰ پاڻ وحي جي رستي انسان کي سيکاريو. هاڻي اسان کي ثابت ڪرڻو آهي ته قرآن شريف سچ پچ الاهي ڪلام آهي.

1 - اهڙي ثابتيءَ لاءِ پهريون ضروري شرط اهو آهي ته جنهن شخص تي الاهي ڪتاب نازل ٿيڻ جي دعويٰ ڪئي ٿي وڃي تنهنجي تاريخ سچي هجي ۽ سچي حياتيءَ جو ذڪر چڱيءَ طرح معلوم هجي، انهي لاءِ ته ان شخص جي عملن تي نظر ڪري سندس سچائيءَ جو فيصلو ڪري سگهجي. تنهن کان سواءِ اهو شخص پاڻ ظاهر ڪري ته هي ڪتاب منهنجو تصنيف ڪيل ناهي، پر الاهي ڪلام آهي. جيڪڏهن ڪنهن شخص جي حياتيءَ جو سچو ذڪر لکيل ناهي ته ڪيئن فيصلو ڪري سگهبو ته هو اعتبار جي لائق آهي يانه. پر جيڪڏهن اعتبار جي لائق به هجي تڏهن به جيڪڏهن پاڻ ئي ظاهر نه ڪيو هوندائين ته هي ڪتاب الاهي آهي ته اسان کي وري ڪهڙو حق آهي جو ان کي الاهي ڪتاب سڏيون. حضرت رسول ﷺ جي تاريخ اهڙي محقق ۽ ايتري قدر معلوم آهي جهڙي شايد ٻئي ڪنهن جي به نه هوندي. سندن دشمنن جون شاهديون به موجود آهن. جڏهن دشمنن کو عيب منجهن کو نه ڏٺو ۽ اسلام جو واڌارو ڪين حيران ڪرڻ لڳو تڏهن فقط ايترو چئي ٿي سگهيا ته هو جادوگر آهي. اسان اهي حالات پڙهي يقين سان چئي سگهون ٿا ته پاڻ نهايت پرهيزگار ۽ سچا هئا. الله تعاليٰ جي راهه ۾ هزار مشقتون ڏٺائون، بلڪ مال ۽ جان به قربان ڪيائون. اهڙو


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

شخص جيڪڏهن فرمائي تہ هي ڪتاب الاهي ڪلام آهي تہ اسان کي ڪهڙو سبب آهي جو ويساهہ نہ ڪريون. مطلب تہ اسلام جي صداقت جي وڏي ثابتي آهي حضور اڪرم ﷺ جي سوانح عمري. جنهن شخص کي اسلام جي صداقت ڏسڻي هجي سو اڙدو ڪتاب رحمت اللعالمين پڙهي ڏسي يا مولانا شبلي جو سيرت النبي گهرائي پڙهي. جيڪو اڙدو نہ ڄاڻي سو مولوي فتح محمد صاحب جو حيات النبي پڙهي يا هن ڪتاب جي مصنف جو ننڍڙو ڪتاب حالات نبوي پڙهي.

2 - ٻيو ضروري شرط اهو آهي تہ جنهن شخص کو دين سيکاريو هجي تنهن پاڻ انهن هدايتن تي عمل ڪري ڏيکاريو هجي. انگريزي ۾ پهاڪو آهي تہ زباني نصحيت کان مثال بهتر اهي. پارسيءَ واري بہ چيو آهي تہ کردن گفتن فرقي دارد (چوڻ ۽ ڪرڻ ۾ وڏو فرق آهي). حضرت عائشہ رضي الله عنها کان ڪنهن شخص پڇيو تہ رسول خدا ﷺ جا اخلاق ڪهڙا هئا. هن جواب ڏنو تہ قرآن سندن اخلاق آهي، يعني سندن عمل ۽ اخلاق قرآن شريف سان موافق هئا. حضرت جن ﷺ کي الله تعاليٰ قرآن شريف ۾ اسوة حسنہ يعني بهترين نمونو سڏيو ويو آهي، ۽ اسان کي حڪم ڪيو آهي تہ اوهان سندس پيروي ڪريو يعني هن وانگر هلو ۽ هن جهڙا عمل ڪريو. سندن حياتي اهڙين گهڙين ۽ مختلف حالتن ۾ تي گذري جو سڀ ڪنهن طبقي ۽ سڀ ڪنهن ڌنڌي جو شخص سڀ ڪنهن حالت ۾ سندن حالات مان پنهنجي لاءِ پوري پوري هدايت وٺي سگهي ٿو.

3 - ٽيون ضروري شرط اهو آهي تہ ان ڪتاب جي نازل ٿيڻ کان وٺي اج تائين ان ۾ ذرو بہ ڦيرقار نہ ٿيو هجي، جيڪڏهن ڪجهہ بہ ڦير قار ٿيو آهي تہ پوءِ ان کي الاهي ڪلام چوڻ غلط آهي. الله تعاليٰ قرآن شريف ۾ تو فرمائي تہ مون سڀ ڪنهن ملڪ ۾ ڪتاب موڪليا آهن، مگر انهن ۾ ماڻهن ڦيرقار ڪري ڇڏي آهي. قرآن شريف جي لاءِ اهڙيون ثابتيون موجود آهن جو اسلام جي مخالفن کي بہ مجبورن قبول ڪرڻو ٿو پوي تہ ان ۾ زير زبر ۽ نقطي جو بہ تفاوت ڪو نہ ٿيو آهي. الله تعاليٰ پاڻ قرآن شريف ۾ فرمايو آهي تہ مان هن ڪتاب کي هميشہ محفوظ رکندس. سبحان الله! گذريل تيرهن صدين ۾ قرآن شريف ۾ تر جيتري بہ تبديلي ڪانہ ٿي آهي.

4 - جڏهن حضور اڪرم ﷺ کي ڪافر چوندا هئا تہ پنهنجي نبوت جي ثابتيءَ لاءِ ڪا نشاني ڏيکاريو يا معجزو؛ ظاهر آهي تہ ٻيا معجزا فقط اهي ڏسي سگهندا جي حاضر آهن. مگر قرآن شريف اهڙو معجزو آهي جو پويان بہ ڏسي سگهندا. قرآن شريف جي عبارت اهڙي ڪامل آهي جو ڪو بہ انسان هڪ جملو بہ قرآن شريف جي ڪنهن بہ آيت جهڙو نہ ٺاهي سگهيو آهي. حضرت رسولﷺ جن


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

لکي پڙهي ڪين ڄاڻندا هئا. ان وقت جا شاعر شعر گوئي ۽ فصاحت ۾ ڪماليت حاصل ڪري چڪا هئا. الله تعاليٰ قرآن شريف ۾ فرمايو ته ڪافرن کي چؤ ته فقط هڪ جملو قرآن شريف جي ڪنهن به آيت جي برابر ٺاهي سگهن ته پوءِ قرآن شريف کي سچو نه سمجهن. مگر ڇا مجال انسان جي جو الله تعاليٰ جي ڪلام سان پنهنجو ڪلام ڀيٽي سگهي. سڀ شاعر ۽ فصيح عاجز ٿي مسلمان ٿي پيا.

5 - اسلام جي سچي تاريخ موجود آهي. ان تاريخ ۾ اسان پڙهي سگهون ٿا ته ڪافرن ڪيئن ڀريائين اسلام جي مخالفت ڪئي، ۽ ڪيئن رفته رفته اسلام جي صداقت پنهنجو اثر متن پيدا ڪيو جو دشمنن جون دليون به ازخود اسلام ڏي مائل ٿي پيون، جنهنجو ثبوت مختصر طور هيٺ ٿو ڏجي:

دنيا ۾ ڪيترا ماڻهو اهڙا ٿي گذريا آهن جن پاڻ ئي ظاهر ڪو نه ڪيو ته اسان کي الله تعاليٰ توهان ڏي رسول ڪري موڪليو آهي، تنهن ڪري ماڻهن به انهن جي چال وغيره تي ڌيان ڪونه ڏنو. ان هوندي به انهن جي وفات کان ڪيترائي ورهيه پوءِ جاهل ماڻهو انهن کي پيغمبر يا ديوتا سمجهڻ لڳا. مگر رسول خدا ﷺ شروعات ۾ ئي پنهنجي نبوت جو اظهار ڪيو، دشمن ڪافر منجهن عيب ڳولهڻ لڳا، مگر ڪو به عيب نظر ڪونه آين، تڏهن متن سختيون ڪرڻ لڳا. جڏهن ڪافرن ڏٺو ته سختين ۽ ظلمن هوندي به حضرت ﷺ ۽ مسلمان اسلام سيڪارڻ کان باز نٿا اچن ۽ ٻاهرين تي به قرآن جو اثر جادوءَ وانگر پئجي ٿو وڃي، تڏهن پاڻ ۾ گڏ ٿي صلاح ڪرڻ لڳا ته ٻاهرين مسافرن کي محمد ﷺ بابت ڇا چئجي جو هن کان پري ڀڄن. ڪن چيو ته چونداسين ته هو جوڳي آهي، ڪن چيو ته چونداسين ته هو ديوانو آهي ۽ ڪن چيو ته چونداسين ته هو شاعر آهي، پر وليد بن مغيره جو سيني کان ڀڍو ۽ سياڻو هو تنهن چيو ته انهن ڳالهين جي محمد ﷺ سان ذرو به مشابهت ڪانهي. اسان کي اهڙيون ڳالهيون ڪرڻ نه گهرجن جو ماڻهو چون ته اسان ڪوڙا آهيون. هڪڙي چيو ته چوڻ گهرجي ته هو جادوگر آهي. وليد چيو ته جنهن پاڪائي ۽ لطافت سان محمد ﷺ ٿو رهي سا جادوگرن ۾ ڪٿي آهي. وليد پوءِ چيو ته اسان فقط ايترو چئي ٿا سگهون ته محمد ﷺ جي ڪلام ۾ عجيب ميناج آهي، هن جي ڪلام ۾ اهڙو تاثير آهي ۽ دل تي اهڙو اثر پيدا ٿو ڪري جو پي پٽ، ڀاءُ ۽ زال مڙس جي وچ ۾ جدائي وجهي ٿو ڇڏي. هڪڙي ڀيري هرقل روم جي شهنشاهه حضرت محمد ﷺ جي دشمن ابوسفيان کي گهرائي سندن حقيقت پڇي. هڪڙو سوال اهو به ڪيائينس ته هن ڪڏهن ڪوڙ به ڳالهايو آهي. ابوسفيان چيو ته نه. تنهن تي هرقل چيو ته جنهن شخص ڪڏهن انسان تي به ڪوڙ نه ٻڌو سو خدا تي ڪيئن ڪوڙ هڻندو.

6 - اگرچ قرآن شريف ئي حضرت ﷺ جو دائمي ۽ ڪافي معجزو آهي تڏهن به


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڪائنن ڪيترائي معجزا ۽ پيشنگويون صادر ٿيون جي اڄ تائين حيرت انگيز نظر اچن ٿيون. قرآن شريف ۾ ڪيتريون ئي پيشنگيون آهن جي سڀ سچيون ٿيون آهن. ڪيترائي ماڻهو عقل جي وسيلي پيشنگويون ڪندا آهن جي اڪثر ڪري سچيون ٿينديون آهن، مگر انهن ڪي ولي يا پيغمبر نہ چئي سگهبو. پيشنگويون اهڙيون هجن جي چٽيون چيل هجن ۽ اهڙيون اڻ ٿيڻ جهڙيون ڏسڻ ۾ اچن جو انساني عقل اٿلندو انهن جي ابتڙ راءِ ڏئي. پوءِ بہ جيڪڏهن اهي سچيون ثابت ٿين تہ سمجهبو تہ سچ پچ اهي الهامي آهن. بيو شرط هي آهي تہ سڀ پيشنگويون سچيون نڪرن. ائين نہ ٿئي جو هڪڙيون سچيون ٿين بيون ڪوڙيون.

7 - قرآن شريف هڪ زنده ۽ مشهور زبان ۾ سادي ۽ صاف عبارت ۾ لکيل آهي. جنهن ڪري ان جون هدايتون هر ڪوئي پڙهي ان تي عمل ڪري سگهي ٿو. ڪي مذهبي ڪتاب اهڙا وڏا آهن يا اهڙي ڏکي ۽ منجهيل عبارت ۾ لکيل آهن جو هن وقت اهي ڪتاب عام ماڻهن لاءِ ڪارائتا ٿي نٿا سگهن. تنهن ڪانسواءِ انهن جو مطلب چٽو نہ آهي. جن جو چٽو آهي تہ وري اهڙو عقل جي مخالف آهي جو ان ڪي مروڙي سروڙي پنهنجي معنيٰ ڪڍٽي ٿي پوي. مثلن قديم يوناني ماڻهن پنهنجي جهوني مذهب جي ڳالهين ڪي استعاره (پرولي) سمجهي مروڙ سروڙ ڪري پنهنجا مطلب ڪڍيا. پر آخرڪار ڪڪ ٿي اها بيقائدي ڪوشش بند ڪيائون. مگر قرآن شريف جي عبارت نهايت صاف آهي. حضرت رسول ﷺ جيڪي سمجهاڻيون ان بابت ڏنيون سي بہ موجود آهن ۽ سندن حياتي جو ذڪر بہ قرآن شريف جو گويا عملي تفسير آهي، تنهنڪري اسلام جي تعليمات سمجهڻ ۾ مشڪلات ڪانہ ٿي پوي.

8 - عربي زبانن جي ڏاڏي ۽ الهامي زبان آهي، يعني اها ئي زبان آهي جا الله تعاليٰ اسان جي ڏاڏي حضرت آدم عليه السلام ڪي سيڪاري. خواجہ ڪمال الدين صاحب پنهنجي اڙدو ڪتاب ام الالسنہ (ٻولين جي ماءُ) ۾ انگريزي ۽ عربي لفظن جي پيٽ ڪري ڏيکاريو آهي تہ انگريزي لفظ عربي زبان مان نڪتل آهن. اهڙيءَ طرح بين زبانن بابت بہ ثابت ڪري سگهجي ٿو تہ اهي اصل عربي زبان مان نڪتل آهن. عربي زبان جي الهامي هئڻ لاءِ هي ثابتي پيش ٿو ڪري تہ جيڪي شين جا نالا عربي زبان ۾ رکيل آهن تن جي لغوي معنيٰ مان انهن شين جي ڳجهي خاصيت معلوم ٿيو وڃي جنهن جي اڳي بلڪل خبر ڪانہ هئي. عربي زبان ديني خيالن ظاهر ڪرڻ لاءِ با الخصوص لائق آهي. مثال لاءِ بہ لفظ اثم ۽ توبہ وٺو. اثم گناه ڪي چئبو آهي. توبہ جي لغوي معنيٰ آهي موٽي سنئين راه تي اچڻ. عام ماڻهو ائين سمجهندا آهن تہ جيڪڏهن اسان ”توبہ توبہ“ چونداسين ۽ معافي گهرنداسين تہ اسان جا سڀ گناه مٽجي ويندا. مگر لغوي معنيٰ چٽيءَ


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

طرح ڏيکاري ٿي تہ اڳين گناهن جي معافي تڏهن ملندي جڏهن ڏنگي راهہ
ڇڏي سڌي سنئين راهہ تي هلبو. ڏسو تہ عربي زبان ۾ ڪهڙي حڪمت رکيل
آهي. خواجہ ڪمال الدين صاحب ائين بہ ثابت ڪري ڏيکاريو آهي تہ عربي زبان
۾ اصل کان وٺي حضرت ﷺ جي زماني تائين ڪو بگاڙو ڪو نہ پيو آهي ۽
ڦير ڦار کان صاف رهي آهي. هن بيان مان اهو نتيجو ٿو نڪري تہ آخري ۽
ڪامل مڪمل دين لاءِ اها ئي زبان موزون آهي.

9 - قرآن شريف جون تعليمات بہ ان جي الاهي ڪتاب هئڻ جو ڪافي ثبوت آهن.
ڪنهن بہ الاهي ڪتاب ۾ اهڙي ڳالهہ هڪ بہ نہ هئڻ گهرجي جا ظاهر ظهور غلط
ثابت ٿي هجي، مثلن ان ۾ ائين لکيل نہ هجي تہ ڌرتي سنئين سڌي پکڙيل آهي ۽
شيش نانگ جي مٿي تي يا ڏاند جي سڱ تي بيٺل آهي. جيڪڏهن پوريءَ طرح
ثابت ٿي وڃي تہ ڌرتي هڪ ڪُوڙهو آهي ۽ ڪنهن بہ شيءَ تي نہ آهي تہ پوءِ اهڙي
ڪتاب کي الاهي ڪتاب ڪيئن چئي سگهبو؟ تنهن ڪانسواءِ سيني ماڻهن لاءِ ۽
سڀ ڪنهن زماني لاءِ الاهي ڪتاب اهو سمجهبو جنهن ۾ سڀ ضروري هدايتون
هجن جن مان جاهل خواهہ فيلسوف فائدو وٺي سگهن، ۽ اهي هدايتون بہ اهڙيون
هجن جن کان بهتر هدايتون ٿي ڪين سگهن. بيو انهيءَ ڪتاب ۾ سيني
ضروري مسئلن جو پورو پورو جواب ڏنل هجي (انهيءَ لاءِ ڏسو انگريزي ننڍڙو
ڪتاب ٽيچنگز آف اسلام). فقط اهڙي ڪتاب کي ئي ڪامل چئي سگهبو ۽
بيشڪ قرآن شريف ڪامل ۽ مڪمل ڪتاب آهي. اڄ تائين هر هڪ مذهب جي
ماڻهن ائين پئي سمجهيو آهي تہ فقط اسان جو مذهب سچو آهي ۽ بيا سڀ ڪُوڙا
آهن. مگر قرآن شريف ۾ ئي سچي حقيقت ڏنل آهي تہ اصل ۾ سڀ مذهب سچا
هئا، ۽ سيني ۾ هڪ الله تعاليٰ جي عبادت جو حڪم ڪيل هو. الله تعاليٰ تو
فرمائي تہ سڀ ڪنهن زماني ۾ ۽ سڀ ڪنهن قوم ڏي سچا پيغمبر ۽ سچا
ڪتاب موڪليل هئا. مگر هر هڪ ڪتاب فقط ان زماني ۽ ان قوم جي حالت
لاءِ ڪافي هو. تنهن کان سواءِ انهن ڪتابن ۾ زماني جي گردش ڪري ڦير ڦار
بہ ٿي ويو. مگر جڏهن سڄي دنيا جي ميلاپ ۽ ترقي جو زمانو آيو تڏهن سيني
قومن لاءِ فقط هڪ ڪامل مڪمل ڪتاب جي ضرورت ٿي ۽ قرآن شريف نازل
ٿيو.

اڄ ڪلهہ دنيا ۾ ڪيترائي ماڻهو آهن (اڪثر اهي جي مذهبي ڪتابن ڏي نهارين
بہ ڪين) جي چون ٿا تہ سيئي مذهب سچا آهن ۽ سيني ۾ خدا کي مڃڻ ۽ چڱن ڪمن
ڪرڻ جو حڪم آهي. جيڪڏهن ڪو ٿورو فرق آهي تہ واٽن ۾ آهي تنهن جي گهٽي
حرڪت ڪانهي ڇو تہ ڪنهن شهر ڏي وڃڻو هوندو آهي تہ ڪيترين ئي واٽن کان وڃي
سگهبو آهي. اهو خيال بلڪل غلط آهي. پهريائين تہ سيئي واٽون ساڳئي شهر ڏي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڪين ويندين، شايد ڪي اهڙيون ڏکيون هجن جو مسافر واٽ تي ڦرجي وڃن يا پاڻي نه ملڻ ڪري مري وڃن. سچ هي آهي ته نه رڳو واٽن ۾ فرق آهي پر بلڪل ضروري ۽ مکيه اعتقادن ۾ به فرق آهي. مثلن اسلام سيڪاري ٿو ته خدا هڪ آهي جو نه ڪنهن مان ڄائو آهي ۽ نه ڪنهن کي ڄڻيو اٿس. مگر عيسائن جو مکيه اعتقاد آهي ته حضرت عيسيٰ عليه السلام خدا جو پٽ آهي، ۽ خدا آهي، نه انسان. پوءِ ڪيئن چئي سگهجي ته هاڻوڪي حالت ۾ سيني مذهبن جي تعليم ساڳي آهي. ٻيو مثال وٺو. اسلام ۾ شراب ورتائڻ جي سخت منع آهي. مگر بائبل ۾ منع بلڪل لکيل ڪانهي اٿلندو ڪن پيغمبرن جي بيان ۾ ائين آيل آهي ته هن شراب پيتو. هن مان به سمجهبو ته هاڻوڪن سيني مذهبن جي تعليم ساڳي نه آهي. گهڻا ماڻهو اهو مٿيون خيال هن نيت سان ظاهر ڪندا آهن ته مختلف مذهبن جي ماڻهن جي وچ ۾ تعصب ۽ نفاق آهي سو هليو وڃي. اها نيت نهايت چڱي آهي، پر هڪڙي غلط خيال جي مدد سان اها مراد پوري ٿي ڪين سگهندي، نه رڳو اها مراد پوري نه ٿيندي پر اٿلندو اهو نقصان ٿيندو جو ماڻهو دين جو اڀياس ڪليل دماغ سان نه ڪندا، بلڪ دين کي صفا ڇڏي ڏيندا. دنيا ۾ مذهبي خواه ٻين خيالن جو اختلاف هميشه رهيو آهي ۽ شايد هميشه رهندو. رڳو به پائر به اهڙا ڪين لڀندا جي هم خيال هجن. مخالف خيالن هئڻ ڪري هروڀرو دشمني پيدا ٿيڻ گهرجي ڇا؟ اسلام ته چٽيءَ طرح سان سيکاري ٿو ته غير مسلمانن سان گڏ ڪائي پي سگهجي ٿو، ۽ حڪم ٿو ڪري ته غير مسلمانن سان شفقت ۽ عزت سان هلو، جيتري قدر ٿي سگهي اوتري قدر انهن سان ڀلائي ڪريو، مظلومن جي مدد ڪريو ۽ ذات انسان سان محبت رکو. جيڪا دشمني قومن جي وچ ۾ آهي سا جاهليت ۽ گمراهي جي ڪري آهي. جنهن شخص کي دنيا ۽ آخرت جي سعادت حاصل ڪرڻي آهي تنهن کي گهرجي ته دين جي مسئلن کي سڀ ڳالهه کان وڌيڪ ضروري سمجهي، پنهنجي ۽ پرائي مذهب جو پورو اڀياس ڪري حق کي اختيار ڪري. جنهن کي اسلام جون تعليمات معلوم ڪرڻيون هجن تنهن کي گهرجي ته سيد امير علي جا انگريزيءَ ۾ لکيل ڪتاب، خواجه ڪمال الدين جو رسالو اسلامڪ ريويو، مرزا غلام احمد قادياني جي اسلام تي هڪ تقرير ڪنهن ديني ڪانفرنس ۾ ڏنل، جنهنجو انگريزي ترجمو ٿيل آهي ۽ نالو ٽيچنگز آف اسلام رکيل اٿس سا، خواجه ڪمال الدين جو ننڍڙو ڪتاب سيئنگس آف محمد جنهنجو مون ترجمو احاديث نبوي جي نالي سان ڇپايو آهي سو ۽ مولوي محمد علي صاحب جو انگريزيءَ ۾ هولي قرآن جنهن ۾ قرآن شريف جو ترجمو ۽ تفسير ڏنل آهي سو پڙهي ڏسي.

## اسلام ۽ تسليم ڪرڻ

اسلام لفظ جي اصلي معنيٰ آهي صلح ڪرڻ. مسلمان اهو آهي جنهن الله تعاليٰ


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

سان خواهہ انسان سان صلح ڪيو آهي. الله تعاليٰ سان صلح جي معنيٰ آهي تسليم يعني خدا تعاليٰ جي مرضيءَ تي هلڻ ۽ سندس رضا تي راضي رهڻ. خدا تعاليٰ جي مرضي فطرت جي قاعدن ۾ ڏيکاريل آهي ۽ قرآن شريف ۾ پوريءَ طرح بيان ڪيل آهي. اسان جي دين تي اهو نالو الله تعاليٰ پاڻ قرآن شريف ۾ رکيو آهي ۽ هڪڙي آيت ۾ چيل آهي تہ اسلام انسان جو فطري دين آهي. انسان سان صلح ڪرڻ جي معنيٰ آهي سيني سان پائرن وانگر پيش اچڻ. تنهن ڪري اسان کي لازم آهي تہ سيني ماڻهن سان صلح سانت ۾ رهون. نہ رڳو ايترو پر ٻين جو ڀلو بہ چاهيون. حديث شريف ۾ آهي تہ خدا تعاليٰ ٿو فرمائي تہ: ”اي بندا مون سان محبت اٿيئي، تہ پهرياڻين سيني انسانن سان محبت رک.“ اسان کي ڪنهن بہ انسان مسلمان توڙي غير مسلمان سان دشمني رکڻ جائز ناهي، نڪي ڪنهن کي بہ ناحق رنجائڻ مناسب آهي. پر انهيءَ جو مطلب اهو ناهي تہ ڪو ماڻهو اسان کي سچي ڳل تي چماٽ هڻي تہ ڪبو ڳل بہ ڦيرائي ڏجيس. ائين ڪرڻ چڱو هجي ها تہ نڪي ڪورٽون هجن ها ۽ نڪي قاعدا، بدمعاشن کي سزا ڏيڻ يا ڏيارڻ تہ اٿلندو ثواب آهي. جج ڪنهن چور يا ڌاڙيل يا خونيءَ کي سزا ٿو ڏئي سو نہ انهيءَ ڪري تہ هن سان دشمني اٿس يا ذاتي تعصب اٿس پر هن ڪري تہ ذات انسان جي سلامتي رهي. تنهنڪري جيڪڏهن ڪو شخص هرويرو اسان جو نقصان ڪري تہ هن کي سزا ڏيڻ يا ڏيارڻ ثواب جو ڪم آهي. پر جي سزا ڏيڻ کان سواءِ هن کي سڌاري چڱو ڪري سگهجي تہ معافي ڏيڻ ۾ وڏيڪ ثواب آهي. مگر جيڪڏهن هن جي سڌارڻ لاءِ ٻيو علاج ڪونهي تہ هن کي ضرور سزا ڏيڻ يا ڏيارڻ گهرجي. جيڪو ائين نہ ڪندو سو بزدل يعني ڏڄڻو يا بيوقوف سمجهبو. ڇا ڪاڻ تہ ڏوهہ ڪندڙ کي سزا نہ ايندي تہ هو وري ٻيا ڏوهہ بہ ڪندو ۽ ٻين ماڻهن کي بہ آزاريندو. جيڪڏهن ڪنهن شخص کي قصاص يا بدلي وٺڻ جي طاقت ڪان هجي تہ سيني مسلمانن تي فرض آهي تہ هن کي قصاص وٺڻ ۾ مدد ڪن نہ تہ سندن جان ۽ مال جي بہ سلامتي ڪانہ رهندي. مظلوم جي مدد ڪرڻ ۾ سيني جو فائدو آهي، ڇو تہ جيڪڏهن ظالم کي سزا نہ ايندي تہ ٻين سان بہ ظلم ڪندو ۽ سيني تي ظلم جو وارو ايندو. اڄ ڪلهہ ڪو زبردست ڪنهن هيٺي تي ظلم ٿو ڪري تہ مدد تہ پنهنجي ماڳ اٿلندو هن زبردست ظالم جو پاسو ٿا وٺن ۽ هن جي پاران ڪورٽ ۾ قسم تي ڪوڙي شاهدي ڏيئي پنهنجي قيامت بہ ٿا خراب ڪن. ائين نٿا سمجهن تہ اڄ هن غريب تي ظلم ٿيو آهي، سڀاڻي اسان جو بہ وارو ايندو. اهڙن ڪمن ۾ ظالم ڪان ڏڄڻ نہ گهرجي. الله تعاليٰ حق جي حمايت ڪندو آهي. ظالم کي سزا نہ ڏيارڻ ۽ سندس پاسو وٺڻ خود ظالم سان بہ دشمني ڪرڻ آهي. ڇو تہ هن کي سزا نہ ايندي تہ وڌيڪ خراب ٿيندو ۽ دنيا ۽ آخرت ۾ خوار ۽ ذليل ٿيندو ۽ دوزخ جو ٽنڀ ٽٻو. جيڪڏهن ڪو ٻيو شخص بہ ڪنهن هيٺي مظلوم جي مدد نہ ڪري تہ پوءِ صبر سان سختيون سهي، ۽ الله


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

تعاليٰ کان ان بدمعاش جي سڌرڻ لاءِ دعا گهري؛ ذاتي دشمني بلڪل ڪانہ رکي. جيڪڏهن هو نہ سڌرندو تہ الله تعاليٰ ضرور هن کي خراب ڪندو. اهڙيءَ طرح جيڪا قوم ٻي قوم تي ظلم ڪندي سا بہ ضرور زواليت ڏسندي ۽ ضرور برباد ٿيندي، خصوصن تڏهن جڏهن مظلوم قوم حق تي هوندي، ۽ چڱا عمل ڪندي. جيڪڏهن خراب عمل هوندس تہ ظالم جي هٿان برباد ٿي ويندي.

## ڪلمہ طيب ۽ ان جو عملي نتيجو

اسان هڪ جملي ۾ چئي ٿا سگهون تہ مسلمان ڪنهن کي ٿو ڪوٺجي. انهيءَ جملي ۾ سڀ مسلمان ۽ سچو اسلام اچي ٿو وڃي. مسلمان اهو جو مڃي تہ لا الہ الا الله محمد رسول الله. يعني الله کان سواءِ ڪو معبود (عبادت يا ٻانهپ جو لائق) ڪونهي ۽ محمد ﷺ الله تعاليٰ جو پيغام پهچائيندڙ آهي. اڄ ڪلهہ مسلمان رڳو زبان سان ڪلمو پڙهن ٿا مگر سمجهن ڪجهہ بہ ڪين ٿا. ايمان آهي "اقرار باالسان وتصديق با القلب". اڄوڪي زماني جا مسلمان قلب سان تصديق ڪرڻ تہ پنهنجي ماڳ پر رڳو زباني اقرار بہ نالي جو ٿا ڪن. چو تہ طوطي وانگر پڙهڻ کي اقرار ڪين چئبو. ڪلمو تہ ٻين مذهبن جا ماڻهو بہ چئي ٿا وڃن. مگر مسلمان انهيءَ کي چئبو جو ڪلمي تي ويساهہ آڻي ۽ قبول ڪري. ڪا بہ ڳالهہ قبول تڏهن ڪبي آهي جڏهن سمجهہ ۾ ايندي آهي. نہ سمجهبي آهي تہ چئبو آهي تہ مان سمجهان ئي نٿو. جيڪڏهن ڪنهن رڳو سنڌي ڄاڻندڙ ماڻهوءَ سان ڪو انگريزي دان انگريزيءَ ۾ ڳالهائي ۽ هو سنڌي دان سمجهڻ کان سواءِ هائو هائو ڪندو وڃي تہ هو ڪهڙو نہ بيوقوف چئبو. اهو ئي حال آهي اڄوڪن مسلمانن جو. هو قبرن ۽ پيرن جي بہ پوڄا ڪرڻ لڳا آهن چو تہ لا الہ الا الله جي معني جي هنن کي بلڪل خبر ڪانهي.

حضرت محمد ﷺ جيڪو خدا جو پيغام اسان کي پهچايو آهي سو آهي قرآن شريف. سيڪو ئي مولوي ۽ سياڻو ماڻهو چئي سگهندو ۽ قرآن شريف ۾ بار بار فرمايل آهي تہ الله تعاليٰ قرآن شريف انهيءَ لاءِ موڪليو آهي تہ ان جون نصيحتون ۽ هدايتون پڙهي انهن تي عمل ڪري هن دنيا ۾ خوش گذاريون ۽ آخرت ۾ بہ سعادت پرايون. اڄوڪي زماني جي مسلمانن انهيءَ مقصد کي بلڪل وساري ڇڏيو آهي. هو الله تعاليٰ جي نياپي جي اها عزت ٿا ڪن جو ان کي پوتيون پهرائي مٿي جاري ۾ رکي ٿا ڇڏين، يا ان جو قسم ٿا کڻن، يا بيمار ماڻهوءَ کي ٿا بخشارائين يا استقاط وقت ڪم ٿا آڻين. ڪي ڪي مسلمان وري قرآن شريف پڙهن ٿا پر سمجهن ذرو بہ ڪين ٿا. قرآن شريف ۾ الله تعاليٰ اسان لاءِ هدايتون موڪليون آهن جن تي عمل ڪرڻ ۾ اسان جو فائدو آهي. سمجهو تہ هڪڙو ماڻهو پنهنجي پٽ ڏي خط ٿو موڪلي تنهن ۾ نصيحتون ۽ حڪم لکي ٿو موڪليس. پٽ ڇا ٿو ڪري جو خط کي بنان پڙهڻ جي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

پوتيون پارائي رکي ٿو ڇڏي ۽ هر روز چميون ٿو ڏيس. هاڻي ٻڌايو ته اهو پٽ عقلمند چئبو يا بيوقوف؟ ۽ سندس پيءُ اها ڳالهه ٻڌي خوش ٿيندو يا ڪاوڙبو؟ انهيءَ مثال مان سمجهي سگهبو ته قرآن شريف کي نه رڳو پوتيون پهرائجن پر پڙهجي به. وري سمجهو ته هڪڙو بادشاهه پنهنجي هڪ زيردست نواب ڏي فرمان ٿو موڪلي. فرمان انگريزيءَ ۾ لکيل آهي، مگر اهو نواب انگريزي نٿو ڄاڻي. هو چاتو ڪري جو اهو خط پڙهڻ سکي ٿو مگر معنيٰ نٿو پڇي. پوءِ هو هر روز ان خط کي پيو ٿو پڙهي، پر اها خبر ڪانه ٿي پويس ته بادشاهه مون ڏي ڇا لکيو آهي، تنهنڪري جيڪي حڪم بادشاهه لکيا اٿس تن جي تعميل نٿو ڪري. هاڻي ٻڌايو ته اهو نواب عقلمند چئبو يا بيوقوف؟ ۽ بادشاهه اها ڳالهه ٻڌي خوش ٿيندو يا غصي ۾ اچي ويندو؟ انهيءَ مثال مان سمجهي سگهبو ته ضروري آهي ته يا عربي زبان سکي قرآن شريف پڙهجي يا سنڌيءَ ۾ لکيل ديني ڪتاب ۽ قرآن شريف سنڌي ترجمي سان پڙهڻ گهرجي. اهڙيءَ طرح جڏهن خدا جي حڪمن جي خبر پوندي تڏهن انهن تي عمل ڪرڻ جو شوق به ٿيندو، جو ته پوري اپياس ڪرڻ مان معلوم ٿيندو ته انهن تي عمل ڪرڻ ۾ اسان جو ئي فائدو آهي.

## ديني فرض ۽ انهن جو سمجهڻ

اسان ديني فرض روزا، نماز، زڪوات وغيره پاڻ تي بار ٿا سمجهون سو رڳو انهيءَ ڪري جو اهي سڀ ڪم اسان بنا سمجهڻ جي ٿا ڪيون. درحقيقت سمجهه کان سواءِ ديني احڪامن بجا آڻڻ ۾ گهٽو فائدو ڪونهي. حديث شريف ۾ آهي ته جا شيءِ پهريائين خلقي ويئي سا آهي عقل. ٻي حديث ۾ آهي ته هڪڙو ماڻهو روزا ٿو رکي، نمازون ٿو پڙهي وغيره وغيره پر هن کي ثواب فقط اوترو ملندو جيتري سمجهه ڪم آندي هوندائين. ٽين حديث ۾ آهي ته جنهن نماز ۾ جسم سان دل شامل نه آهي تنهن نماز تي الله تعاليٰ ڌيان ڪونه ٿو ڏئي. دل شامل تڏهن ڪري سگهبي جڏهن نماز ۽ نماز جا الفاظ ۽ ارڪان سمجهبا. روزن جي بابت حديث ۾ آهي ته جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪوڙ ڳالا ۽ ٻيا گناهه نٿو ڇڏي ته ان جي رڳو بک ڪڍڻ تي الله تعاليٰ راضي ڪونه ٿو ٿئي. اهڙي طرح سيئي ديني احڪام پورين هدايتن ۽ سمجهه سان بجا نه آڻبا ته پورو ثواب نه ملندو. خيرات به خيرات جي حقدارن کي نه ڏبي ته گهٽو ثواب نه ملندو.

هن زماني ۾ مسلمان نڪي ڪلمون ٿا سمجهن نڪي نماز. نڪي دعا ٿا سمجهن نڪي خطبو، نڪي نڪاح ٿا سمجهن نڪي طلاق. عالمن کي گهرجي ته هر روز مغرب جي نماز وقت ڳوٺ جي ماڻهن کي سڏي فقط پنج منٽ ديني تعليم ڏين، نه وعظ جي نموني، پر سيکارڻ جي نموني. ماڻهن کان ائين سوال پڇن جئين سبق پڇبو آهي. ڪلمي کان وٺي ديني تعليم ڏين. مسجد ۾ خواهه عيدگاهه ۾، شادين تي خواه


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

غمين تي، ميلن ۽ مجموعن ۾ پڻ ديني تعليم ڏيندا رهن. رڳو هڪ هڪ لفظ هر روز سيکارين تہ بہ ديني تعليم ماڻهن ۾ گهڻي قدر پکڙجي وڃي. اهو خيال بلڪل نہ ڪجي تہ ماڻهو ڪين ٻڌندا ۽ اثر ڪونہ ٿيندو. مولوين کي پنهنجي هدايت ۽ رهنمائي دائما جاري رکڻ گهرجي. اثر رفتہ رفتہ ضرور پيدا ٿيندو.

## توحيد ۽ مساوات

جارج سيل صاحب قرآن شريف جي ترجمي جي ديباچي ۾ ٿو لکي تہ اسلام جون سڀ تعليمون توحيد (يعني الله تعاليٰ جي هيڪڙائي) جو لازمي نتيجو آهن. يعني جيڪو قبول ڪندو تہ الله تعاليٰ هڪ آهي تنهن کي اسلام جون سڀ تعليمون مڃيون پونديون. هن جو اهو چوڻ سچ آهي. لا الہ الا الله ۾ سڄو اسلام سمايل آهي. اسان هتي لا الہ الا الله جي فقط هڪ نتيجي جو ذڪر ٿا لکون.

خواجہ ڪمال الدين صاحب پنهنجي اڙدو ڪتاب براهين نيره ۾ ٿو لکي تہ ڪلمہ توحيد يعني لا الہ الا الله جي حقيقت خود شارع اسلام ﷺ نهايت چٽن لفظن ۾ بيان ڪري ڇڏي آهي. پاڻ فرمايائين تہ لا الہ الا الله جي مراد آهي لا معبود لي - ولا مقصود لي - ولا مطلوب لي الا الله - يعني انسان هڪ خدا کي ئي پنهنجو مخدوم ۽ متبوع ۽ حاڪم ڪري مڃي، ۽ انهيءَ هڪ کي پاڻ کون وڏو ڪري سمجهي ۽ ان جي مقابلي ۾ ڪنهن جي بہ وڏائي ۽ شان شمار ۾ نہ آڻي. توحيد جي هن مراد کي ذهن ۾ رکي خدا جي مخلوقات تي نگاهہ ڪبي تہ ڪل مخلوقات الاهي ٻن قسمن ۾ ڏسڻ ايندي. جيڪڏهن انسان کان وڏو فقط هڪ الله تعاليٰ ئي آهي تہ باقي ڪل مخلوق يا تہ انسان سان برابر يا انسان کان مرتبي ۾ گهٽ رهجي ويندا. اهڙي طرح جيڪڏهن خدا تعاليٰ ئي انسان جو هڪ مخدوم ۽ مالڪ آهي تہ وري باقي جو ڪجهہ آهي سو يا تہ انسان سان برابر يا انسان جو خادم ۽ تابع ٿيندو. هاڻي ڪل مخلوقات کي جيڪڏهن اسين ٻن ڀاڱن، انسان ۽ غير انسان ۾ ورهائينداسين تہ انسان ۾ برابري ۽ انسان ۽ غير انسان ۾ حاڪم ۽ نوڪر، مخدوم ۽ خادم جو فرق نظر ايندو. هي اهو توحيد جي مسئلي جو راز آهي جو قرآن شريف اسان کي سمجهايو. خدا نہ اسان جي تعريف ۽ نہ اسان جي خالص مخلص عبادت جو محتاج آهي، بلڪ هي سڀ انهيءَ لاءِ آهي تہ خدا تعاليٰ کان سواءِ اسان جي نگاهہ ۾ ڪوئي وڏو نہ رهي. باقي سڀ مخلوق يا تہ اسان سان برابريءَ جي درجي تي اچي وڃي يا تہ اسان ان کي پنهنجو خادم يا غلام سمجهون. الغرض توحيد جو وڏو مقصد هڪ هي آهي تہ انسان پاڻ ۾ اتحاد (ميلاپ) ۽ مساوات (هڪجهڙائي) جو لاڳاپو پيدا ڪن ۽ باقي مخلوقات ۾ مخدوم ۽ خادم جو لاڳاپو ٿي وڃي. هن حقيقت جي قائم ٿيڻ تي سيني ترقين جو دروازو کلي ٿو پوي.

تنهنڪري جو سبق قرآني توحيد مان ڪو انسان حاصل ڪري ٿو سو مساوات


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

جو سبق آهي. اهو ئي سبب آهي جو اسلام سان گڏ ئي مساوات دنيا ۾ اچي ويئي، ۽ يورپ جو ڪجھ جمهوريت (رعيتي راڄ) بابت سکيو سو مسلمانن کان. فقط مسلمانن ئي هي اصول دنيا ۾ سيني کان اڳي قائم ڪيو تہ انسان انسان سان برابر ۽ همسر آهي. هي اهو پاڪ ۽ بلند خيال آهي جنهن سان انسان جي همت بلند ۽ هن جو نصب العين (مقصد) اوچو ۽ اعليٰ ٿي ٿو پوي. هن سان ذات پات جو فرق، رنگ، ملڪ ۽ قوم جو ڀيد، جنهن هر جاءِ انسان ڪي سچي تهذيب (اخلاقن جي سڌاري) کان روڪيو آهي سو غالب ٿي ٿو وڃي. ”مان اهو ئي ڪري سگهان ٿو جو فلاڻي ۽ فلاڻي ڪيو، منهنجون قوتون ۽ لياقتون اهي ئي آهن جي فلاڻي فلاڻي جون آهن“. هي اهو حوصلہ وڌائيندڙ خيال آهي جو سڀ ڪنهن انسان ۾ ريس ۽ ڪنهن ٻئي سان برابر ٿيڻ جو شريف جذبو پيدا ڪري هن ڪي زندگيءَ جي سڀ ڪنهن امر ۾ پنهنجي همعصرن (وقت جي ماڻهن) جي سامهون مقابلي لاءِ آڻي ٿو. اها قوم ڪهڙي ترقي ڪندي، ۽ تهذيب جي اصولن ڪي ڪيئن سمجهندي جنهن انسانن ڪي مختلف (جدا جدا) قبيلن ۾ ورهائي قبائلي فرق ڪي زور شور سان قائم ڪيو. سيني انسانن جون قوتون الله جي طرف کان هڪجهڙيون آهن، ۽ اهي هڪ ئي طرح دنيا ۾ آيا ۽ هڪ جهڙو ساز و سامان وٺي ڪائنات ۾ داخل ٿيا. يورپ جي ترقيءَ جو راز بہ اهو ئي جمهوريت ۽ انساني مساوات جو پاڪ خيال آهي. اتي ڪنهن بہ شخص جي عزت يا شرافت هن جي پنهنجي ذاتي ڪمالات تي گهٽي حد تائين منحصر آهي.

قرآن شريف ”ان اکرمکم عندالله اتقاکم“ جو مسئلو تيرهن سو ورهيہ اڳي سيڪاري قومي فرقن ڪي خاڪ ۾ ملائي ڇڏيو. الله تعاليٰ فرمايو آهي تہ توهان ۾ شريف، توهان ۾ مڪرم، توهان ۾ عزت جو لائق اهو ناهي جو وڏي خاندان جو هجي، بلڪ اوهان ۾ اشرف ۽ اڪرم اهو ئي آهي جو تقويٰ رکي. يعني انهن راهن کان بچندو ۽ پري ڀڄندو رهي جي انسان ڪي بهبودي (چڱائي ۽ سڌارو) ۽ تهذيب کان روڪين ٿيون. ها! ”مسلمانن ڪي ڇا ٿي ويو جو هو هندستان ۾ اچي ان امر ۾ بدلجي تهذيب جي سيني اعليٰ جذبن ڪي ڇڏي ذات پات جي جهڳڙن ۾ پئجي ويا ۽ تباهہ ٿي ويا. ياد رکو تہ توحيد فقط هن تائين ختم نٿي ٿئي تہ اسان ڪنهن ڪي بہ خدا جو شريڪ نہ بنايون. هي تہ ادنيٰ درجي جي توحيد آهي. اهو انسان عملن مشرڪ آهي جو ڪنهن ٻئي ڪي وڏو ٿو سمجهي. پاڻ ڪي ان جهڙو ٿيڻ جو لائق نٿو سمجهي: اهڙي طرح اهي پيلي ذات جا دعويٰ ڪندڙ سيد، مغل، شيخ يا پٺاڻ بہ مشرڪ آهن جي ڪنهن ڪوري يا موچي مسلمان ڀاءُ ڪي گهٽ سمجهي پاڻ سان برابريءَ جو وَجهہ (موقعو) نٿا ڏين، ۽ ائين ڪرڻ سان پنهنجي واسطي وڏائي جو اهو مقام ٿا ناهين جو خدا تعاليٰ پنهنجي واسطي خاص ڪيو آهي“ (خواجہ ڪمال الدين صاحب جو مضمون هت پورو ڪيو ويو).


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

مساوات جو مسئلو هيئين حديثن ۾ بہ تمام چٽيءَ طرح سيڪاريل آهي. شرف الانسان بآ العلم والحسب لابآلمال والسنب- يعني انسان جو شرف علم ۽ نيڪيءَ سان آهي نہ دولت ۽ خاندان سان. جڏهن حضرت ﷺ جن مڪو فتح ڪيو ۽ مغرور قريش سردار پيش پيا تڏهن پاڻ ڪين فرمايائون تہ "قريش جي جماعت اڄ الله تعاليٰ اوهان جي جاهلانہ هٺ ۽ ابن ڏاڏن تي فخر ڪرڻ جي مغروريءَ ڪي ٽوڙي ڇڏيو. سچ تہ هي آهي تہ سڀ ماڻهو آدم جو اولاد آهن ۽ آدم مٽيءَ مان ٺاهيو ويو هو. خدا تعاليٰ تو فرمائي تہ اي انسانو مون اوهان ڪي هڪ مرد ۽ هڪ عورت مان پيدا ڪيو، ذاتيون ۽ قبيلا سڀ سڃاڻپ واسطي بنايا ويا آهن. خدا وٽ انهي جي عزت زياده آهي جنهن ۾ تقويٰ زيادهہ آهي".

ناظرين هن سڄي مضمون ڪي غور سان پڙهن ۽ وري وري پڙهن، تنهن ڪان پوءِ سنڌ جي حالت تي ٿوري نظر ڪن جتي سيد، پير ۽ زميندار وڏائي جي نشي ۾ مست ٿي ويا آهن. پاڻ ڪي پاڻهي شريف ٿا سمجهن. نہ انهي ڪري تہ ٻين ڪان وڌيڪ نيڪ اخلاق آهن، پر انهي ڪري تہ هو دولتمند، بنيادي ۽ عالي خاندان آهن. پر اگرچہ ڪو شخص تقويٰ ۽ نيڪ اخلاقن ۾ ٻين ڪان برتر هجي تڏهن بہ پاڻهي پنهنجي لاءِ عزت جو مقام ٺاهڻ اسلام جي تعليم جي ابتڙ آهي. خود حضرت ﷺ جن بہ ائين ڪين ڪندا هئا جئين اسان جا زميندار ۽ پير ٿا ڪن. حضرت جن سيني سان برابر وهندا هئا، ماني ٻين سان تہ ڇڏيو پر نوڪرن سان بہ گڏجي کائيندا هئا. پاڻ فرمائيندا هئا تہ مان اوهان جهڙو انسان آهيان. اسان جي پيرن يا زميندارن وٽ ڪو ڪٽ تي چڙهي وهي تہ خبرناهي تہ ان سان ڪهڙي تعدي ڪن.

## عملن جي ضرورت

اڄوڪي زماني جا مسلمان اڪثر چوندا آهن تہ اسان ڪهڙا بہ گناهہ ڪيون تڏهن بہ بهشت ۾ ويندا سين چو تہ اسان ڪلمي گو يعني ڪلمون پڙهندڙ آهيون. ڪي وري ائين بہ چوندا آهن تہ توبہ ڪنداسين تہ اسان جا سڀ گناهہ لهي ويندا. پر مٿي ڏيکاريو ويو آهي تہ اڄوڪي وقت جا ڪي مسلمان ڪلمو رڳو نالي جو ٿا پڙهن، هنن ڪي سچو ڪلمي گو ڪوٺڻ ٺهي ئي نٿو. چو تہ هو قلب سان تصديق بلڪل ڪونہ ٿا ڪن. پر جيڪڏهن قلب سان تصديق ڪجي تہ ان تي عمل بہ ضرور ڪرڻ گهرجي نہ تہ اها تصديق بہ نالي جي آهي. مثلن هڪڙو پٽ پنهنجي پيءُ ڪي پيءُ ڪري ٿو مڃي ۽ عزت بہ ڏئيس، پر جيڪو حڪم پيءُ ٿو ڏئيس تنهنجي ابتڙ ٿو ڪري ۽ پيءُ جو چوڻ نٿو وٺي. هاڻي ٻڌايو پٽس منجهانئس راضي رهندو يا رنج؟ ۽ ائين ڪرڻ سان پٽ فائدو پرائيندو يا نقصان هيٺ ايندو؟ ٻيو مثال وٺو. ڪو ڪليڪٽر صاحب پنهنجي عملدار ڪمشنر صاحب ڪي مناسب عزت چو ڏئيس جو سندس حڪمن تي بلڪل


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

عمل نٿو ڪري. هاڻي ٻڌايو ته اهو ڪليڪٽر صاحب انعام جو لائق ٿيندو يا سزا جو. انهن مثالن مان سمجهي سگهبو ته جيڪي مسلمان الله تعاليٰ جي حڪمن تي نٿا هلن ۽ الله تعاليٰ جي نافرماني ٿا ڪن سي دنيا ۽ آخرت ۾ سعادت پرائيندا يا ٻنهي جهانن ۾ سخت عذاب ڏسندا. اسلام جي تعليم آهي ته عمل ڪرڻ دين جو اهڙو ئي ضروري ڀاڱو آهي جهڙو ايمان آڻڻ. قرآن ۾ بار بار چٽي طرح ڏيکاريل آهي ته اسان جيڪي عمل ڪيون ٿا سي مرڻ کان پوءِ به پاڻ سان ڪٽي ٿا هلون ۽ انهن جو نتيجو ضرور ڏسڻو پوندو. اسلام جي تعليم موجب رڳو ايمان آڻڻ ڪنهن ڪم جو ناهي جيستائين ان تي ايمان موجب عمل نه ڪجي. قرآن شريف ۾ ڪيترائي ڀيرا مومنن جي ذڪر ۾ هي الفاظ ”اِنَّ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ“ آيل آهن جنهن مان صاف طرح ثابت ٿو ٿئي ته ايمان سان گڏ عمل ضرور هئڻ گهرجي. هڪڙي حديث آهي ته هڪڙي ڀيري حضرت ﷺ جن ڪنهن شخص جي سوال جي جواب ۾ فرمايو ته خدا جو قسم آهي ته بهشت ۾ اهو ئي ويندو جنهن جا اخلاق چڱا هوندا. حضرت جن جي سچي تعليم، سندن سڀ وعظ اخلاقن جي بيان سان ڀريل هوندا هئا، ۽ نيڪ اخلاق اختيار ڪرڻ مسلمان ٿيڻ لاءِ ضروري ڳالهه سمجهڻ ۾ ايندي هئي. مثلن جڏهن مديني جي ڪن ماڻهن حضرت جن جي دست مبارڪ تي بيعت ڪئي تڏهن هنن ڳالهين تي بيعت ڪيائون:-

1) اسان هڪ خدا جي عبادت ڪنداسين ۽ ڪنهن کي هن جو شريڪ نه بنائينداسين.
2) اسان چوري ۽ زنا ڪڏهن ڪين ڪنداسين.
3) اسان پنهجي اولاد کي قتل نه ڪنداسين (انهن ڏينهن ۾ عرب نياڻين کي جيري قبر ۾ پوريندا هئا).
4) اسان ڪنهن تي ڪوڙي تهمت نه لڳائينداسين ۽ نه ڪنهن تي چغلي هڻنداسين.
5) اسان نبي ﷺ جي فرمانبرداري هر ڪنهن چڱي ڳالهه ۾ ڪندا رهنداسين.

باقي رهي اها ڳالهه ته توبه ڪرڻ سان سڀ گناهه لهي ٿا وڃن. اها ڳالهه سچي آهي پر ماڻهن توبه جي معنيٰ نه سمجهي آهي. جيڪڏهن گناهه ڪري پوءِ چئبو ته يا رب! مان توبه ٿو ڪيان، مون کي معاف ڪر، ۽ پوءِ به ساڳيو گناهه وري وري ڀيو ڪبو اها توبه نه چئبي. توبه جي معني آهي موٽي راهه تي اچڻ. يعني گناهه جا ڪم ڇڏي چڱا ڪم ڪرڻ. جيڪڏهن ڪو ماڻهو گناهه ڇڏي آئينده لاءِ چڱا ڪم ٿو ڪري ته هن کي اڳين گناهن جي معافي ملي ٿي. ”توبه“ جي هن معنيٰ مان سمجهبو ته جڏهن ڪو ماڻهو پوڙهو ٿو ٿئي ۽ گناهن ڪرڻ جي طاقت ڪانهيس يا جڏهن ڪو ماڻهو مرڻ جي ڪنڌيءَ تي ٿو اچي تڏهن هو پڇتائي ٿو ۽ پشيمان ٿو ٿئي ته اها توبه به ڪم جي نه آهي. ڇو ته هن کي ان وقت گناهن ڦٽي ڪرڻ ۽ چڱن ڪمن ڪرڻ جي توفيق ئي ڪانهي. ڪي ماڻهو اهڙا به ليندا آهن جي سڄي عمر چوري ۽ زنا ڪري پوڙهائي ۾ تسبيح هٿ ۾ ڪٽندا آهن، ڇو ته ان وقت ۾ چوري ۽ زنا ڪري ئي نٿا سگهن.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

تنهنڪري اسان کي گهرجي ته انهن ڪوڙين اميدن کي ڦٽو ڪري هڪدم چڱا عمل ڪريون. شايد موت اڄ ئي اچي وڃي، پوءِ توبه ڪرڻ يعني گناهن جا ڪم ڇڏي چڱن ڪمن ڪرڻ جو وقت ڪونه ملندو. اخلاق ۽ عملن جي ضرورت قرآن شريف ۾ هر جاءِ زور سان ڏيکاريل آهي. حديثون به ڪيتريون ئي آهن. هيٺيون حديثون ڏسو ته ڪهڙيون زور ڀريون آهن.

1) مسلمان اهو آهي جنهن جي هٿ ۽ زبان کان سڀ مسلمان سلامت رهن.
2) جنهن شخص ۾ فقط هڪ داڻو مغروري جو آهي سو بهشت ۾ نه ويندو.
3) جنهن کي لڄ ناهي ۽ بيشرم ڪمن کان پرهيز نٿو ڪري سو مسلمان ناهي.
4) اهو مومن ئي ناهي جو زنا ٿو ڪري يا چوري ٿو ڪري يا شراب ٿو پيئي يا ڦر ٿو ڪري يا امانت ۾ خيانت ٿو ڪري، خبردار! خبردار!!
5) منافق اهو آهي جو ڳالهائي ته ڪوڙ ڳالهائي، انجام ڪري ته ڀڃي، عهد ڪري ته پورو نه ڪري ۽ جهيڙو ڪري ته فحش بڪي.
6) جو شخص ڪنهن ڀاءُ جو حق ٿو ماري سو خدا تعاليٰ جي وحدت ۾ ايمان آڻيندڙ ناهي.

## دين جو اعليٰ مقصد

هن ننڍڙي ڪتاب ۾ تعليمات اسلام جو ذڪر ڏيئي نٿو سگهجي. مگر هڪڙي ڳالهه آهي جنهن بابت به ٻه ٽي لفظ لکڻ جي ضرورت ڀانئجي ٿي. ڪي ماڻهو اسلام تي هڪڙو وڏو اعتراض آڻيندا آهن، هو چوندا آهن ته اسلام ۾ اها اعليٰ تعليم آهي ئي ڪانه جنهن سان الله تعاليٰ جو ميلاپ حاصل ٿو ڪجي. جتي ڪٿي ملن ۽ مولوين تي ٺٺوليون پيون هلن. باقي اهي ماڻهو جيڪي ڪفني پائي ڏوڙ لڳن کي مکي مڪانن يا جهنگن ۾ تا ويهن، تماڪ، چرس، ڀنگ ۽ شراب کي لڳي مست مست پيا ڪن سي اڄ فقير ۽ ولي تا سڏجن. اسلام موجب علم کان سواءِ ولايت ملي نٿي سگهي. رهبانيت يعني گهر ٻار ترڪ ڪرڻ ۽ جان کي عذاب ڏيڻ جي موڪل به اسلام نٿو ڏئي. اسلام جي تعليم اهڙي ڪامل آهي جا گهر ٻار ڇڏائڻ کان سواءِ الله تعاليٰ جو ميلاپ حاصل ڪرائي ٿي. سڀ ڪوئي انسان گهر ٻار ڇڏي ڏئي ته دنيا ڪيئن هلي سگهي. اسان جون چار حالتون آهن، بدني، دماغي، اخلاقي ۽ روحاني. اسلام چئني حالتن کي ڪماليت وٺائڻ لاءِ ڪامل هدايتون ڏنيون آهن. اهي چار ئي حالتون هڪ ٻئي سان اهڙو تعلق رکن ٿيون جو هڪ ۾ نقص هئڻ ڪري ٻين کي به نقصان رسي ويندو. تندرستي چڱي نه هوندي ته نڪي دماغ ڪم ڪندو نڪي دل ڪاڏي ورندي. جيڪي ماڻهو علم ڏاران ۽ اخلاقن سڌارڻ کان سواءِ دنيا ڇڏي ذڪر تا ڪمائين، ۽ الله تعاليٰ جي عشق جو دم تا هڻن سي درحقيقت جوڳي آهن، ۽ هو اهو جوڳ تا ڪمائين جنهن کي آمريڪا جا


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ماٺهو مسميريزم ٿا ڪوئين. اهي پنهنجو دم پچائي خيال کي هڪ هنڌ رکي کي طاقتون پاڻ ۾ پيدا ڪن ٿا جنهنڪري پاڻ کي ولي ٿا سمجهن. درحقيقت هو ڏوڪي ۾ اچي گمراهه ٿيا آهن.

اسلام جي تعليم آهي ته علم ضرور سکجي. خصوصن قرآن شريف ۽ حديثون سکي انهن تي عمل ڪرڻ گهرجي. ان کان سواءِ گهڙي ڪن اڪيلائي ۾ويهي فطرت تي ويچار ڪرڻ گهرجي ته ان مان اسان کي الله تعاليٰ جي اپار قدرت ۽ رحمت جي خبر پوندي. انهيءَ خبر پوڻ ڪري اسان ۾ الله تعاليٰ واسطي سچي محبت پيدا ٿيندي ۽ اسان هر طرح هن جي مرضي ۽ قاعدن تي هلي سندس راضپو حاصل ڪنداسين. رفته رفته محبت وڌيڪ ٿيندي ويندي ايتري قدر جو الله تعاليٰ کان سواءِ ٻي ڪنهن شيءِ ڏانهن دل ڪين ورندي تان جو الله تعاليٰ سان هڪ ٿي وڃبو. هن ننڍڙي مضمون ۾ سڄو بيان ڏئي نه ٿو سگهجي. فقط هيترو ڏيکارڻو آهي ته درحقيقت سچي صوفياني تعليم اسلام ئي ڏني آهي. انهي ڳالهه ثابت ڪرڻ لاءِ فقط هي ئي حديثون ڪافي آهن.

1 - الله تعاليٰ ٿو فرمائي ته جو شخص منهنجو پيار حاصل ٿو ڪري تنهن جو مان ڪن آهيان جنهن سان هو ٻڌي ٿو، هن جو نور آهيان جنهن سان هو ڏسي ٿو، هن جو هٿ آهيان جنهن سان هو (ڪا شي) جهلي ٿو ۽ هن جا پير آهيان جنهن سان هو هلي ٿو.

2 - الله تعاليٰ ٿو فرمائي ته اي انسان! فقط منهنجي قانونن جي پيروي ڪر ته تون مون جهڙو ٿي پوندين، پوءِ جي چوندين ته ”ٿي“ ته ائين ٿي پوندو.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# حالات نبوي عرف حيات النبي ﷺ

افسوس جي ڳالھ آهي تہ سنڌ جا اڪثر مسلمان حضرت محمد ﷺ جي حالات کان بلڪل واقف نہ آهن. جيڪي پڙهيل آهن تن کي اڪبر، اورنگزيب، شيواجي ۽ ٻين ڪيترن شخصن جي تاريخ جي ڪجھ معلومات آهي، مگر جنهن رسول مقبولﷺ جي ڪين پيروي ڪرڻي آهي تنهن جي ايتري بہ واقفيت ڪا نہ اٿن. هن مختصر ڪتاب لکڻ جو مقصد اهو آهي تہ سڀ ڪو سنڌ جو مسلمان آسانيءَ سان ٿوري قيمت تي ان کي خريد ڪري نبي سڳوري جو احوال پڙهي سگھي. جن کي وڌيڪ احوال پڙهڻو هجي سي جناب مولوي فتح محمد جو "حيات النبي" وٺي پڙهن. اردو ڄاڻندڙن کي گھرجي تہ اڙدو ڪتاب گھرائي پڙهن. انگريزي دانن کي جناب سيد امير علي صاحب جا ديني ڪتاب پڙهڻ گھرجن.

هي ڪتاب جناب قاضي سليمان صاحب مسلمان منصور پوري جي مشهور ڪتاب رحمة العالمين جو مختصر ترجمو آهي. هن صاحب مهرباني فرمائي ترجمي ڪرڻ جي اجازت ڏني آهي جنهن لاءِ آءُ سندس هٿ شڪرگذاري ظاهر ٿو ڪريان. مان جناب مرزا قليچ بيگ صاحب جو پڻ شڪر گذار آهيان جنهن تڪليف وٺي هي ڪتاب نظر مان ڪڍيو آهي. *(1919ع)*

## نسب

حضرت عيسيٰ عليه السلام کان اٽڪل ٻہ هزار ورهيہ اڳي بابل جي سلطنت اوج ۾ هئي. ان وقت حضرت ابراهيم عليه السلام کي الله تعاليٰ پيغمبر ڪري موڪليو. هن کي ٻہ فرزند هئا، وڏي جو نالو هو اسماعيل عليه السلام ۽ ننڍي جو اسحاق عليه السلام. حضرت اسماعيل عليه السلام ٻيبي هاجره رضي الله عنها مان ڄاول هو. حضرت ابراهيم عليه السلام شام ملڪ ننڍي پٽ کي ڏنو. ۽ عرب ملڪ وڏي پٽ کي. حضرت ابراهيم پنهنجي وڏي پٽ ۽ ان جي والده کي انهيءَ جاءِ تي وهاريو جتي هاڻي مڪي جو شهر آهي. اتي پيءُ ۽ پٽ گڏجي هڪ مسجد بنائي جا اڃا تائين قائم آهي، ۽ ڪعبة الله ۽ بيت الحرام جي نالن سان مشهور آهي. حضرت اسماعيل عليه السلام کي ٻارهن پٽ هئا جن عرب جي ملڪ کي پاڻ ۾


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

ورهائي ڪنيو. انهن جي اولاد جلد سڄي ملڪ ۾ پکڙجي وئي. حضرت اسماعيل ﷺ جي اولاد مان سندس پيو فرزند قيدار نهايت نامور شخص ٿي گذريو آهي قيدار جي اولاد مان 37هين پيڙهي ۾ عدنان مشهور ٿي گذريو آهي. ان کان 15 پيڙهيون پوءِ قصيءَ، پوءِ ان جو پٽ عبد مناف، پوءِ ان جو پٽ هاشم، وري ان جو پٽ عبدالمطلب ان جو پٽ ابو طالب پنهنجي پنهنجي وقت ۾ مڪي جو سرادر ٿيندا رهيا. سيدنا محمد رسول ﷺ جنهن جو مختصر احوال هن ننڍڙي ڪتاب ۾ ڏجي ٿو سو عبدالمطلب جو پوٽو هو. هن ذڪر مان معلوم ٿيندو ته حضرت ﷺ جن پيارا پيغمبر حضرت ابراهيم ﷺ جي اولاد مان آهن.

## ايام جاهليت

عربستان هڪ وڏو ملڪ آهي، ان جو گهڻو ڀاڱو خصوصا وچون ڀاڱو بيابان لڳو پيو آهي. حضرت ﷺ جن جي پيدا ٿيڻ وقت هن ملڪ جي ڏاکڻي ڀاڱي تي حبش جي سلطنت ايرندي حصي تي ايران جي سلطنت ۽ اتر وارن ضلعن تي روم جي سلطنت جو قبضو هو. مگر ملڪ جو اندريون ڀاڱو آزاد هو ۽ هميشه کان آزاد رهيو هو. اندروني ملڪ جي ماڻهو تي انهيءَ خودمختياريءَ ۽ دنيا کان الڳ رهڻ، تمام خراب اثر پيدا ڪيو هو. هو هڪ ٻئي کي قتل ڪندا هئا، بيڪاريءَ ۽ سستيءَ هنن ۾ جوا ۽ شراب جي عادت پيدا ڪئي هئي. هو پنهنجين نياڻن کي جيئري زمين ۾ پوري ڇڏيندا هئا. جاهليت جي ڪري انهن ۾ بت پرستي جو رواج ٿي ويو. پرمن هنن جي دل ۽ دماغ تي پورو پورو قبضو ڪري ڇڏيو، پٿر، وڻ، چنڊ، سج، جبل، درياه مطلب ته فطرت جي هر چيز جي پوڄا ڪرڻ لڳا. انساني حقن جي حفاظت لاءِ منجهن ڪو قانون ڪو نه هو، انسان جو قتل، رهزني، ناحق بند ڪرڻ، ناجائز طرح ٻئي جي ملڪيت قبضي ۾ آڻڻ، بيجا دخل ڪرڻ، عورتن کي زور يا ٺڳيءَ سان ڀڄائي وڃڻ، نياڻين کي جيئري ڏرتي جي حوالي ڪرڻ اهي ۽ ٻيا گناهه جا ڪم هو بنا شرم جي ڪندا هئا. عرب ملڪ جا ماڻهو ڪن ٿورن شخصن کان سواءِ لکي پڙهي ڪو نه ڄاڻندا هئا، ۽ سڌاري ۽ ترقيءَ کي ته سڃاڻندا به نه هئا. نه رڳو عرب جا ماڻهو اهڙي وحشي حالت ۾ هئا، پر سڄي دنيا جا سڀ ڪنهن مذهب جا ماڻهو ان وقت پنهنجي پنهنجي سچي مذهب کان ڦري ويا هئا، ۽ هر طرح بگڙجي ويا هئا.

## نبي ﷺ جي هدايت ڪرڻ ۽ فتحيابي

اهڙي زماني ۾ رب العالمين پنهنجي فضل سان سيدنا محمد رسول الله ﷺ کي پيدا ڪيو انهيءَ لاءِ ته سڀني ماڻهو کي هدايت ڪري وري سنئين راهه تي آڻي. اهڙي زماني ۾ هدايت ڪرڻ بلڪل مشڪل ڪم هو، مگر حضرت ﷺ جن صبر،


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

استقامت ۽ تحمل سان ڪم شروع ڪيو. تهذيب عملاً ۽ اخلاقاً پڪيڙيائون. شاهوڪاري ۽ خانداني تي فخر ڪرڻ جا خيال مٽائي مساوات يعني هڪ جهڙائي جو ٻج ماڻهن جي دلين ۾ پوکيائون. نفرت ۽ دشمني جي جاءِ تي محبت ۽ يائپي پيدا ڪيائون. اونداهي ۽ جاهليت کي ڪڍي سچائي ۽ علم جي نور کي پکو ڪيائون تڏهن نهايت ڪليل پيشاني ۽ مرڪندڙ چهري سان هن دنيا مان لاڏاڻو ڪيائون.

نبي ﷺ هدايت جو ڪم ڪهڙي خوبي ۽ فتحيابي سان ڪيو تنهنجي معلوم ڪرڻ لاءِ ڪي ٿورا مثال ڏجن ٿا: -

حبش جو بادشاهه ۽ عمان جو بادشاهه مسلمان ٿي نجد جي وحشين ۽ تهامہ جي بدوين سان ڪلهو ڪلهي ۾ هٽي ويهڻ کي فخر ٿا سمجهن.

عبدالله بن سلام يهوديت جي امامت، ورقہ بن نوفل عيسائيت جي، ۽ عثمان بن طلحہ ابراهيميت جي امامت ڦٽي ڪري اسلام جي خادمن ۾ شمار ٿيڻ تي فخر ٿا ڪن.

يهودين جو زر خريد غلام سلمان فارسي اسلام اختيار ڪري ايڏي عزت ٿو پائي، جو خود حضرت عمر رضي الله عنه بہ کيس سائين سائين ڪري ٿو سڏي. مطلب تہ اسلام جي تعليم جي ڪري خانداني لفظ رڳو زبان تي آڻڻ بہ هڪڙو ڪمينائي جو دليل بنجي پيو هو. دشمن دوست ٿي پيا، ۽ جان وٺندڙ ڦري جان قربان ڪندڙ ثابت ٿيا.

اهو ئي عمرو بن عاص جو ويچارن ظلم جي پڇايل مسلمانن کي حبش مان گرفتار ڪرڻ لاءِ ويو هو، سو ٿورن سالن کان پوءِ عمان جي بادشاهه وٽ اسلام جي دعوت ڪرڻ ٿو وڃي ۽ هزارن شخصن جي مسلمان ٿيڻ جي خوشخبري نبي ﷺ جي خذمت ۾ ٿو آڻي. اهو ئي خالد بن وليد جو احد جي جنگ ۾ بت پرستن جي ٽولي جو سپہ سالار هو، سو ٿوري مدت کان پوءِ اسلام جي جنگين ۾ وڏي درجي جو جنرل ثابت ٿو ٿئي. اهو ئي طفيل دوسي رضي الله عنه جو مڪي ۾ ڪنن ۾ ڪپهه وجهي گهمندو هو تہ محمد ﷺ جو آواز ڪن ۾ نہ پوي آخر پنهنجي وطن ۾ گهر گهر ۾ محمد ﷺ جو آواز ٿو پهچائي. اهو ئي عبدياليل ثقني جنهن طائف ۾ غلامن ۽ ڇوڪرن کي حضرتﷺ جي پٺيان لاتو، انهيءَ لاءِ تہ ڪيس پٿر هڻن، سو آخر مديني ۾ حاضر ٿي پنهنجي قوم جي لاءِ ايمان جا جواهر ڪٽي ٿو اچي. اهو ئي بريده بن الحصيب اسلمي جو قريشن کان سو اٺن جي انعام جو وعده وٺي نبي ﷺ کي گرفتار ڪرڻ لاءِ نڪتو، سو ٿورڙن ڪلاڪن کان پوءِ نبي ﷺ جو جهنڊو ڪڻندڙ بنجي ٿو پوي. مطلب تہ اهڙن مثالن لاءِ هڪڙو دفتر گهرجي. اها سڀ ڪرامت انهيءَ پاڪ تعليم جي هئي جا آهستي آهستي دلين کي فتح ڪندي ٿي وئي. گهڻن نبيبن عليهم السلام معجزا ڏيکاريا، ۽ لٺ، نانگ، پٿر، درياهه ۽ باهه جون خاصيتون مٽائي ڏيکاريون، مگر نبي ﷺ عظيم الشان معجزو اهو ڏيکاريو جو دليون مٽائي ڇڏيائون، ۽ روح کي پاڪ بنايائون.



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

شال مسلمان انهيءَ پاڪيزه تعليم جو قدر ڪن. شال هو نبي ﷺ جي پاڪ مقصد جي واقفيت حاصل ڪن، شال اسلام جي حفاظت ڪي پنهنجو فرض سمجهن، شال هو اسلام جي بقا ڪي پنهنجي پنهنجي اولاد جي ۽ پنهنجي ماءُ پيءُ جي حياتين کان زياده ضروري سمجهن.

پڙهندڙو ! نبي ﷺ جي حياتي ۾ هي عجيب خصوصيت آهي تہ ان مان هر ڪنهن قسم جو ماڻهو هدايت پرائي ٿو سگهي، ڇو تہ سندن حياتي مختلف حالتن ۾ ٿي گذري.

## سيدنا محمد بن عبدالله بن عبد المطلب بن هاشم بن عبد مناف بن قصيءَ جو تولد (ڄمڻ)

### ولادت

سومر ڏينهن تاريخ 9 ربيع الاول سنہ 1 (عام الفيل) مطابق 22 – اپريل 571ع ۾ مڪي ۾ ٿيو. سندن ماءُ جو نالو آمنہ هو. سندن والد سندن ولادت کان اڳ ئي فوت ٿي ويو هو. سندن ڏاڏي عبدالمطلب پنهنجي خاندان جا نالا ڇڏي اهو نالو محمد ﷺ (واکاڻ جو لائق) انهيءَ ڪري رکيو هو جو سندس خواهش هئي تہ منهنجو پوٽو سڄي دنيا ۾ واکاڻ جو لائق ٿئي.

### يتيمي حالت

حضرت ﷺ جن دائي حليمہ سعديہ جي حوالي ڪيا ويا، جنهن کين ٻئي هنڌ کٽي وڃي نپايو جڏهن ڇئن ورهين جا ٿيا، تڏهن والده شريف کين پاڻ وٽ رکيو. جڏهن عمر ڇهہ ورهيہ ٿي، تڏهن والده وفات ڪئي ۽ سندن سنڀال ڏاڏي پنهنجي ذمي ڪنئي. اجا حضرت ﷺ اٺن ورهين جي عمر ڪي پهتا تہ ڏاڏي عبدالمطلب بہ وفات ڪئي. ابو طالب حضرت ﷺ جو سڳو چاچو هو، تنهن هاڻي سندن سنڀال پنهنجي ذمي ڪنئي.

### سوداگري

ٻارهن ورهين جي عمر ۾ حضرت ﷺ پنهنجي چاچي ابوطالب سان گڏجي شام جي ملڪ ۾ سوداگريءَ ويا ۽ فائدو تمام گهڻو ٿيو.

### خديجه رضي الله عنها سان شادي

هن سفر ۾ خديجہ رضي الله عنها جو ٻانهو ميسره حضرت ﷺ سان گڏ هو. هن


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

حضرتﷺ جون جيڪي خوبيون ۽ بزرگيون پاڻ ڏٺيون، تن سڀني جو بيان خديجهؓ کي ٻڌايو. اهي وصفون ٻڌي پاڻ ئي درخواست ڪري حضرت ﷺ سان نڪاح ڪيائين، اگرچه خديجه ؓ هن کان اڳي وڏن وڏن سردارن سان نڪاح ڪرڻ کان انڪار ڪيو هو. جڏهن هي نڪاح ٿيو تڏهن حضرت ﷺ جي عمر 25 ورهيه ۽ بيبي خديجه ؓ جي عمر 40 وره هئي. حضرت ﷺ جي نڪاح ۾ 25 ورهين تائين جيئري رهي. حضرت ﷺ ان جي وفات کان پوءِ اڪثر سندس ڳالهيون ڪندا هئا، ۽ سندس سهيلين سان عزت ۽ مهرباني جي هلت هلندا ها.

## امن قائم ڪرڻ لاءِ انجمن

هن شاديءَ کان پوءِ حضرت ﷺ پنهنجو سڄو وقت خدا جي عبادت ۽ بني آدم سان ڀلائي ڪرڻ جي ڪمن ۾ لائيندا هئا، انهن ئي ڏينهن ۾ گهڻن قبيلن جي سردارن ۽ سمجهو ماڻهن جي ڌيان تي اها ڳالهه آنداٺون ته ملڪ ۾ بي امني آهي، رستا خطرناڪ آهن، مسافر لٽجي ٿا وڃن ۽ غريبن تي زبردست ماڻهن جا ظلم ٿا ٿين انهن خرابين کي بند ڪرڻ گهرجي. نيٺ انهن ڪمن لاءِ هڪڙي انجمن قائم ٿي، جنهن جي وسيلي بني آدم جي جان ۽ مال جي گهڻي حفاظت ٿي، اهڙن نيڪ ڪمن ۽ سچائي جو اثر ماڻهن جي دلين تي ايترو ٿيو جو ڪين الصادق (سچو) يا الامين (ايماندار) ڪري سڏيندا هئا.

## نبوت جو ملڻ/ اڪيلو غار ۾ عبادت ڪرڻ

نبوت کان ست ورهيه اڳي هڪ روشني ۽ چمڪو نظر اچڻ لڳو هو، جنهن کي ڏسي حضرت ﷺ جن کي خوشي ٿيندي هئي. نبوت جو وقت جيئن ويجهو پوندو ويو تيئن حضرت ﷺ جي غار ۾ اڪيلائي ۾ وهڻ جي عادت وڌندي وئي. حضرتﷺ جن اڪثر پاڻي ۽ کجور کڻي شهر کان ڪيترا ڪوه پري حرا جبل جي غار ۾ ويهي عبادت ڪندا هئا. عبادت ۾ خدا جي واکاڻ ۽ پاڪائي جو ذڪر به هوندو هو، ۽ خدا جي قدرت تي غور ڪرڻ به. هاڻي حضرت ﷺ کي خواب اچڻ لڳا خواب اهڙا سچا ٿيندا هئا جو جيڪي رات جو خواب ۾ ڏسندو هئا سو ئي ڏينهن جو سچ پچ ظاهر ٿيندو هو.

## جبرئيل ؑ جو پهريون دفعو اچڻ

جڏهن حضرت ﷺ 40 ورهين جي عمر جا ٿيا، تڏهن 9 ربيع الاول ڏينهن سومر جي روح الامين خدا وٽان نبوت جو حڪم کڻي حضرت ﷺ وٽ آيو. ان وقت آن حضرت ﷺ حرا جي غار ۾ هئا. هن واقعي کان پوءِ نبي ﷺ جن هڪدم گهر


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

آيا، ۽ پنهنجي بيبيءَ کي فرمايائون ته مان اهڙا واقعا ٿو ڏسان جو مون کي پنهنجي جان جو خوف آهي. خديجته الڪبريٰ رضي الله عنها جواب ۾ چيو ته نه توهان کي ڇا جو ڊپ آهي. مان ڏسان ٿي ته مائٽن تي مهربان آهيو، هميشه سچ ٿا ڳالهايو، رنن زالن ڇورن ۽ بيواهن جي مدد ٿا ڪريو، مهمان نواز آهيو، ۽ مصيبت ۾ پيل ماڻهن سان همدردي ٿا ڪريو. خدا توهان کي ڪڏهن به پريشان نه ڪندو.

## ورقه جي شاهدي

پوءِ خديجه رضي الله عنها حضرت صلي الله عليه وسلم کي پنهنجي سوٽ ورقه بن نوفل وٽ وٺي ويئي، جو ته هو اڳين نبين تي لٿل ڪتاب ڄاڻندو هو. ورقه سڄي ڳالهه ٻڌي چيو، ته هي اهو ئي ناموس آهي جو موسيٰ عليه السلام تي لٿو هو. شال مان انهيءَ وقت تائين جيئرو هجان جڏهن قوم توهان کي ڪڍي ڇڏيندي!

رسول صلي الله عليه وسلم پڇيو ته مون کي قوم ڪڍي ڇڏيندي ڇا؟ ورقه چيو ته هائو، هن دنيا ۾ جنهن اهڙي تعليم ڏني، تنهن جي خلاف دشمني ٿيندي رهي آهي.

ٿورن ڏينهن کان پوءِ فرشتو وري آيو، ۽ نبي صلي الله عليه وسلم کي جي لکڻ پڙهڻ اڄا تائين ڪو نه سکيا هئا، خدا جو اهو پاڪ نالو ۽ پاڪ ڪلام پڙهايائين، جو سيني علمن جي ڪنجي ۽ سيني حقيقتن جو خزانو آهي. روح الامين هي آيتون پڙهي ٻڌايون.

## قرآن شريف جو نازل ٿيڻ

بسم الله الرحمن الرحيم

اِقْرَاْ بِاسْمِ رَبِّكَ الَّذِیْ خَلَقَ ﴿۱﴾ خَلَقَ الْاِنْسَانَ مِنْ عَلَقٍ ﴿۲﴾ اِقْرَاْ وَ رَبُّكَ الْاَكْرَمُ ﴿۳﴾ الَّذِیْ عَلَّمَ بِالْقَلَمِ ﴿۴﴾ عَلَّمَ الْاِنْسَانَ مَا لَمْ یَعْلَمْ ﴿۵﴾

شروع آهي الله جي نالي سان جو ڪمال رحمت ۽ نهايت رحم وارو آهي.

ترجمو: پڙهه پنهنجي پروردگار جي نالي سان جنهن (سڀ ڪجهه) پيدا ڪيو، جنهن انسان کي رت جي ڄميل ڦڙي مان ٺاهيو. پڙهه، تنهنجو پروردگار ڏاڍو ڪريم آهي جنهن قلم جي وسيلي تعليم ڏني، ۽ جيڪي انسان نه ڄاڻندو هو سو سڀ ڪجهه سيکاريائين.

پڙهندڙؤ! ڏسو ته پهريون حڪم الله تعاليٰ رسول صلي الله عليه وسلم ۽ بني آدم ڏي موڪليو آهي سو علم بابت آهي. علم کان سواءِ اسلام رڳو نالي جو آهي. نبوت کان جو زمانو ٿورو اڳ ٿي گذريو سو ايام جاهليت ٿو سڏجي نه ايام ڪفر، ڇو ته ڪفر به جاهليت جو ئي نتيجو آهي. جاهليت ۽ ڪفر کي ڪڍڻ لاءِ الله تعاليٰ پهريائين اهو حڪم موڪليو ته علم پڙهو.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

## پهريان مسلمان

هنن آيتن پڙهڻ کان پوءِ روح الامين حضرت ﷺ جي روبرو وضو ڪيو ۽ حضرت ﷺ جن بہ ائين ڪيو. پوءِ ٻنهي گڏجي نماز پڙهي. روح الامين پڙهائي. نبيﷺ گهر پهچڻ شرط اسلام سيکارڻ شروع ڪيو. خديجہ رضي الله عنها (بيبي) علي رضي الله عنه (سؤٽ ڏهن سالن جي عمر جو) ابوبکر رضي الله عنه (دوست) زيد بن حارثہ (نوڪر) پهرين ئي ڏينهن مسلمان ٿيا. انهن شخصن جو ايمان آڻڻ. جن کي حضرت ﷺ جي چاليهن ورهين جي رڳو اٿڻ ويهڻ جي بہ خبر هئي، نبي ﷺ جي سچائي جو پڪو دليل آهي. ابوبکر رضي الله عنه واپار ڪندڙ هو، ۽ گهڻن ماڻهن سان ميل ميلاپ هوس. هن جي تعليم سان عثمان غني، زبير، عبدالرحمن بن عرف، طلحہ ۽ سعد بن ابي وقاص مسلمان ٿيا، پوءِ ٻيا بہ ٿورا مڙد ۽ عورتون مسلمان ٿيا.

## ظاهر ظهور اسلام جي تبليغ ڪرڻ

انهن ڏينهن ۾ مسلمان جبل جي پاسي وڃي نماز پڙهندا هئا. نبي ﷺ نبوت جي پهرين ٽن سالن ۾ ماڻهن کي لڪ چپ ۾ سمجهائيندا هئا، ۽ پٿرن وڻن چنڊ ۽ سج جي پوڄا کان هٽائي خدا جي بندگي ڪرڻ سيکاريندا هئا. ٽن سالن کان پوءِ خدا جو حڪم آيو تہ ظاهر ظهور پنهنجي پرودگار جي بزرگي جو اظهار ڪريو، ۽ انهي ڪم ۾ جيڪي تڪليفون درپيش اچن سي صبر استقلال سان سهو. نبي ﷺ نهايت ثابت قدمي سان پهريائين پنهنجي مائٽن ۾ تبليغ يعني سيکارڻ جو ڪم شروع ڪيو، پوءِ پنهنجي قوم ۽ شهر جي ماڻهن ۾، پوءِ مڪي جي آس پاس وارن قبيلن ۾، پوءِ عرب جي سيني ماڻهن ۾ ۽ پوءِ دنيا جي سيني مشهور قومن ۽ مشهور مذهبن جي ماڻهن ۾. انهيءَ زماني ۾ سڄي دنيا ۾ انسانيت ۽ تهذيب ۽ اخلاق جو نشان بہ ڪو نہ هو. عربن ۾ تہ وري سڄي دنيا جون خرابيون اچي گڏ ٿيون هيون. پهريائين نبي ﷺ پنهنجي عزيزن کي دعوت ڏني. ڪائڻ پيئڻ بعد هنن کي اسلام جي دعوت ڪيائون. فقط حضرت علي سندن ڀانهن ٻيلي ٿيڻ قبول ڪيو، ٻيا سيئي کلندا مسخريون ڪندا هليا ويا.

هاڻي نبي ﷺ سيني ماڻهن کي عام طرح سمجهائڻ شروع ڪيو.

## اسلام جي تعليم

سڀ ڪنهن مجلس ۾، ميلي ۾، سڀ ڪنهن رستي ۽ گهٽيءَ ۾، وڃي ماڻهن کي توحيد (خدا جو هڪ هئڻ) جي خوبي ٻڌائيندا هئا، بتن پٿرن ۽ وڻن جي پوڄا کان روڪيندا هئا. ڌِيُن کي مارڻ کان منع ڪندا هئا، زنا کان منع فرمائيندا هئا، جوا ڪرڻ کان روڪيندا هئا. پاڻ فرمائيندا هئا تہ اي آدميو پنهنجي جسم ۽ ڪپڙن کي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

گندگيءَ کان، زبان کي گندين ڳالهين کان، دل کي ڪوڙن ويساهن کان پاڪ ۽ صاف رکو. وعده ۽ اقرار جي سخت پابندي ڪريو، ڏيتي ليتي ۾ دغا نه ڪريو، خدا جي ذات کي گهٽتائي عيب ۽ غليظائي کان پاڪ سمجهو. هن ڳالهه جو پڪو ويساهه رکو ته زمين، آسمان، چنڊ، سج ننڍو وڏو سڀ خدا جا پيدا ڪيل آهن، سي سندس محتاج آهن. دعا جو قبول ڪرڻ، بيمار کي تندرستي ڏيڻ، مرادون پوريون ڪرڻ الله جي اختيار ۾ آهن، الله جي مرضي ۽ حڪم کان سواءِ ڪوئي به ڪجهه ڪري نه ٿو سگهي، فرشتا ۽ نبي به هن جي حڪم جي خلاف ڪجهه نه ٿا ڪن.

مغرور قريشن کي نبي ﷺ جو وعظ پسند نه آيو، جو ته هو خاندانيءَ تي نهايت مغرور هئا، ۽ اسلامي پائيپي قبول ڪرڻ کي هنن خواري تي پانيو. هنن ۾ بت پرستي گهر ڪري وئي هئي، تنهن ڪري ڪنهن به مذهب ۾ ڪنهن به خوبيءَ جو هئڻ هنن کي خيال ۾ نه ٿي آيو. هنن جي زنا، جوا، بيحد عورتن جو گهر ۾ رکڻ، رهزني، قتل، عهد شڪني ۽ هر ڪنهن قانون ۽ قاعده جي بندش کان آزادي جي عادت ڄمي وئي هئي، تنهن ڪري اسلام جي تعليم هنن کي پنهنجي پيارين عادتن جي خلاف معلوم ٿئي پئي. تنهن کان سواءِ هنن ۾ گهڻن قبيلن جي هاشم جي اولاد سان سخت دشمني هئي. انهي ڪري هنن حضرت ﷺ جي مخالفت ڪرڻ لاءِ ڪمر ٻڌي، ۽ اسلام جي نالي نشان مٽائڻ جو فيصلو ڪيو. پهرين تدبير هيءَ ڪيائون ته ”اسلام“ اختيار ڪندڙن کي سخت ايذاءُ پهچايو ٿي، ته جئين جيڪي مسلمان ٿيا هجن، سي موٽي پون، ۽ ڪوئي به نئون ماڻهو مسلمان نه ٿئي.

## نون مسلمان سان قريش جا ظلم

قريش جيڪي ظلم مسلمانن تي ڪيا، تن جو پورو بيان ڪرڻ مشڪل آهي. هتي مختصر طور ٿورن بزرگن جو احوال ٿو ڏجي.

بلال رضي الله عنه حبشي هو، اميه بن خلف جو ٻانهو هو. جڏهن اميه ٻڌو ته بلاول رضي الله مسلمان ٿيو آهي، تڏهن هن قسمن قسمن جا عذاب ڳولي ڪييا.

1. ڪَنڌَ ۾ رسي وجهي ڇوڪرن جي هٿ ۾ ڏني ويندي هئي جي جبلن ۾ هن کي گهليندا وتندا هئا، ۽ رسيءَ جو نشان ڳچيءَ تي ظاهر ٿي بيهندو هو. 2 – گرم واريءَ تي هن کي ليٽائيندا هئا ۽ گرم پٿر هن جي ڇاتيءَ تي رکندا هئا. 3 – هن کي اس ۾ وهاريندا هئا. 4 – بکيو رکندا هوس. حضرت بلال رضي الله عنه انهن سيني حالتن ۾ احد احد (هڪ هڪ) جو نعرو هڻندو رهيو. ابوبڪر صديق رضي الله عنه حضرت بلاول کي خريد ڪيو، ۽ خدا جي واسطي آزاد ڪري ڇڏيائينس.
2. عمار رضي الله عنه، ان جو والد ياسر رضي الله عنه ۽ ان جي والده سميه رضي الله عنها مسلمان ٿيا هئا. ابوجهل هنن کي قسمن قسمن جا عذاب پهچايا. هڪڙي ڏينهن نبي ﷺ هنن


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

کي مار کائيندي ۽ عذاب سهندي ڏٺو ۽ فرمايائون تہ صبر ڪريو، اوهان جو مڪان جنت آهي. ڪم بخت ابوجهل بيبي سميہ کي ڳجهي عضوي ۾ نيز وهٽي ماري ڇڏيو.

3. عثمان بن عفان جي اسلام آڻڻ جي خبر چاچنهس کي پئي، تڏهن هو ڪمبخت حضرت عثمان کي کجور جي صف ۾ ويڙهي پڌي هيٺان دونهون ڏيندو هو.

مطلب تہ اهڙيون وحشي سزائون ڏيندا هئا جو فقط اسلام جي سچائي انهن جو مقابلو ڪري پئي سگهي. اڳين امتن تہ ڪوتا روپيہ وٺي نبين کي گرفتار، بلڪ قتل بہ ڪرائي ڇڏيو هو.

نبي ﷺ جي رستي ۾ ڪندا پکيڙي ڇڏيندا هئا، تہ رات جو اونداهہ ۾ پير زخمي ٿي پونس ۽ سندن گهرجي دروازي تي غليظ شيون اڇلائي ڇڏيندا هئا.

## نبي ﷺ سان ظلم

امن عمرو بن العاص رضي الله عنه جو اکين ڏٺو بيان آهي تہ هڪڙي ڏينهن نبي ﷺ ڪعبي ۾ نماز پي پڙهي. عقبہ بن ابي معيط آيو ۽ پنهنجي چادر وٺي رسي وانگر ڪيائين جڏهن نبي ﷺ سجدو ڏنو تڏهن چادر کي حضور جي گردن ۾ وجهي گهلڻ شروع ڪيائين. گردن مبارڪ گهتجڻ لڳو. حضرت ابوبڪر رضي الله عنه آيو ۽ عقبہ کي ڌڪو ڏيئي هٽايائين. ڪي شرير ابوبڪر صديق رضي الله عنه کي وڪوڙي ويا، ۽ ڏاڍي مار ڏنائونس. اهڙي طرح هڪڙي ڀيري ڪعبي ۾ پيغمبر ﷺ جي مٿان اٺ جي ڪني اوجهري وڌائون. معصوم فاطمہ رضي الله عنها اچي ويئي، تنهن اچي والد جي پٺيءَ تان اوجهري لاهي اڇلي.

## قريش جون باقاعده ڪاميٽيون

مڪي جي قريش نبي ﷺ ۽ مسلمانن تي جيڪي ظلم پي ڪيا تن کي ڪافي نہ سمجهيائون. تنهنڪري باقاعده ڪاميٽيون ٺاهيائون. هڪڙي ڪاميٽي جو مير مجلس ابولهب هو، ۽ مڪي جا 25 سردار ان جا ميمبر هئا. هن ڪاميٽيءَ ۾ هڪڙو سوال اهو ٿيو تہ مڪي ۾ پري پري جا ماڻهو ٿا اچن. انهن کي محمد ﷺ بہ نسبت ڇا چئجي، جو هو متجي ڳالهين ۾ ڦاسي نہ وڃن ۽ هن جي عظمت کي ميڃن. هڪڙي چيو تہ اسان چونداسين تہ هو هڪ ڪاهن (يعني جوڳي) آهي. وليد بن مغيره جيڪو هڪ پوڙهو شخص هو، جنهن چيو تہ مون گهڻائي ڪاهن ڏٺا آهن، ڪاڏي ڪاهنن جون تڪ بنديون ڪاڏي محمد ﷺ جو ڪلام، اسان کي اهڙي ڳالهہ ڪرڻ نہ گهرجي، جنهن مان عرب جا قبيلا سمجهن، تہ اسان ڪوڙ بہ ڳالهائيندا آهيون. هڪڙي چيو تہ چونداسين تہ هو ديوانو آهي. وليد جواب ڏنو تہ ديوانگي کي محمد ﷺ سان ڪهڙي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

نسبت آهي؟ هڪڙي چيو ته چڱو چونداسين ته هو شاعر آهي. وليد چيو ته محمد ﷺ جي ڪلام ڪي شعر سان ذرو به مشابهت ڪانهي. هڪڙي چيو ته اسان ٻڌائينداسين ته هو جادوگر آهي. وليد چيو ته جنهن پاڪائي ۽ لطافت سان محمد ﷺ ٿو رهي سا جادوگرن ۾ ڪٿي آهي. جادگرن جون صورتون منحوس (پليت) ۽ عادتون گنديون ٿيون ٿين. سيني عاجز ٿي چيو ته چاچا تون ئي ٻڌاءِ ته ڇا چوڻ گهرجي؟ وليد چيو ته سچ هي آهي ته محمد ﷺ جي ڪلام ۾ عجيب ميناج آهي. اسان ته فقط هيترو چئي ٿا سگهون ته هن جي ڪلام ۾ اهڙو تاثير آهي جنهن ڪان پيءُ، پٽ، ياءُ، ياءُ ۽ مڙس زال ۾ جدائي پئجي ٿي وڃي. آخر هن ريزوليوشن (ٺهراءُ) تي اتفاق ٿيو ته محمد ﷺ کي هر طرح تڪليف ڏجي، هن جي ڳالهه ڳالهه تي ٺهڪ ڏيئي کلجي، ۽ محمد ﷺ کي سچو سمجهڻ وارن کي سخت ۾ سخت تڪليفن جو شڪار بڻايو وڃي.

## هجرت حبشه

جڏهن ڪافرن مسلمانن تي بيحد ظلم شروع ڪيو تڏهن نبي ﷺ اصحابن کي اجازت ڏني، ته جنهن کي وٽي سو پنهنجي جان ۽ ايمان جي بچاءَ واسطي حبش جي عيسائي بادشاه وٽ هليو وڃي. هن اجازت کان پوءِ هڪ ننڍو قافلو 12 مردن ۽ 4 عورتن جو رات جي اونداه ۾ حبش ڏانهن روانو ٿيو. عثمان بن عفان رضي الله عنه پنهنجي بيبي سميت هن قافلي جو سالار هو، انهن کان پوءِ ٻيا به ٿورا مسلمان لڪ چپ ۾ روانا ٿيا. قريش سمنڊ تائين هنن جي پنيان پيا پرهو اڳئي ٻيڙيءَ ۾ چڙهي روانا ٿيا هئا.

مڪي جا ڪافر حبش جي عيسائي بادشاه وٽ تحفا ڪٽي ويا، ۽ وڃي چيائون ته جيڪي شخص اسان جي ملڪ مان ڀڄي آيا آهن سي اسان جي حوالي ڪيا وڃن. مسلمان درٻار ۾ ڪوٺايا ويا. حضرت ﷺ جي سؤٽ جعفر رضي الله عنه درٻار ۾ هڪ عمدي تقرير ڪئي، جا ٻڌي بادشاه چيو ته مون کي قرآن شريف ٻڌايو جعفر طيار هن کي سورت مريم ٻڌائي. بادشاه تي ايترو اثر ٿيو جو هو روئڻ لڳي ويو ۽ چيائين ته محمد ﷺ ته اهو ئي رسول آهي جنهن جي خبر يسوع مسيح ڏني هئي، الله جو شڪر آهي جو مون کي هن رسول ﷺ جو زمانو مليو. پوءِ بادشاه مڪي جي ڪافرن کي درٻار مان ڪڍي ڇڏيو.

## نبي ﷺ کي لالچائڻ جي ڪوشش

جڏهن مڪي جي ڪافرن ڏٺو ته حبش تائين وڃڻ مان ڪجهه ڪين وريو تڏهن انهن چيو ته محمد ﷺ کي ڀهريائين لالچ ڏيون، پوءِ ڌمڪي ڏيون، ڪنهن طرح ته مڃي ويندو. اها صلاح ڪري مڪي جي مشهور مالدار سردار عتبه کي نبي ﷺ ڏي موڪليائون، جنهن هي تقرير ڪئي ته منهنجا ڀائٽيا محمد! ﷺ جيڪڏهن هن


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڪاروائي سان دولت جمع ڪرڻ جي خواهش اٿو ته اسان خود ئي توهان کي گهڻي دولت جمع ڪري ڏيون، جيڪڏهن توهان عزت جا بکيا آهيو ته اسان سڀ توهان کي پنهنجو رئيس ٺا ڪريون. جيڪڏهن حڪومت جي خواهش آهي ته توهان کي عزت جو بادشاهه ٺا بنايون، جيئن مرضي هجيو تئين ڪرڻ لاءِ حاضر آهيون، مگر توهان هي پنهنجو رستو ڇڏيو، جيڪڏهن توهان جي دماغ ۾ ڪجهه خلل آهي ته ٻڌايو ته اسين ان جو علاج ڪرايون. نبي ﷺ جن فرمايو ته جيڪي ڪي توهان منهنجي بابت چيو سو ذرو به صحيح ناهي. مون کي مال، عزت، دولت ۽ حڪومت جي ڪجهه به خواهش ڪانهي، نڪي منهنجي دماغ ۾ ڪو خلل آهي. پوءِ نبي ﷺ ڪي آيتون پڙهي تقرير ڪئي. پاڪ ڪلام ٻڌڻ ڪان عتبه اهڙو محو ٿي ويو جو هٿن تي ٽيڪ ڏيئي ٻڌڻ لڳو، ۽ نيٺ چپ چاپ ۾ اٿي هليو ويو. قريش معلوم ڪرڻ لاءِ مشتاق ۽ منتظر ويٺا هئا، عتبه کي ڏسي هڪدم هن وٽ جمع ٿيا. عتبه چيو اي قريش جي جماعت! مان اهڙو ڪلام ٻڌي آيو آهيان جو نڪي ڪهانت (جو ڳيڙ) آهي نه شعر آهي نه جادو آهي نه منتر آهي. توهان منهنجو چوڻ مڃو، محمد ﷺ کي ڇڏي ڏيو ماڻهن هيءَ راءِ ٻڌي چيو ته اجهو، عتبه تي به محمد ﷺ جي زبان جو جادو هلي ويو.

## ابو طالب کي ڌمڪي

جڏهن لالچ جي تدبير نه هلي تڏهن سيني قبيلن جا سردار گڏجي نبي ﷺ جي چاچي ابو طالب وٽ آيا ۽ چيائون ته اسان توهان جو گهڻو ادب ڪيو، توهان جو پائيٽو اسان جي بتن جي گلا ٿو ڪري، هاڻي اسان صبر ڪري نه ٿا سگهون، توهان هن کي سمجهائي چپ ڪرايو، نه ته اسان هن کي قتل ڪنداسين. سڄي ملڪ جي دشمني ڏسي چاچي جي دل درد ۽ محبت سان ڀرجي آئي. هن نبي ﷺ کي سڏي سمجهايو ته بت پرستيءَ جي مخالفت نه ڪريو، نه ته مان به توهان جي ڪجهه حمايت نه ڪري سگهندس.

نبي ﷺ تنهن تي فرمايو ته چاچا جيڪڏهن هي ماڻهو سج کي منهنجي سڄي هٿ تي ۽ چنڊ کي منهنجي کٻي هٿ تي اچي رکن ته به مان حڪم مان الله تعاليٰ جي هڪ حرف به گهٽ ڪين ڪندس، اگرچه هن ڪم ۾ منهنجي جان به هلي وڃي.

## امير حمزه جو مسلمان ٿيڻ

نبوت جي ڇهين ورهيه جو ذڪر آهي ته صفا جي جبل تي ابو جهل نبي ﷺ کي گاريون ڏنيون، ۽ هڪ پٿر زور سان مٿي مبارڪ تي هنيائين جنهن ڪري رت وهڻ لڳو. نبي ﷺ جي چاچي امير حمزه کي خبر پيئي، جو اڃان مسلمان ڪو نه ٿيو هو. هن ابوجهل کي تير هڻي زخمي ڪيو. پوءِ نبي ﷺ وٽ اچي چيائين ته توهان خوش


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ٿيا هوندو جو ابوجهل کان مون توهان جو بدلو ورتو آهي. نبي ﷺ جن فرمايو ته مان اهڙين ڳالهين کان خوش ڪين ٿيندو آهيان، پر جي تون مسلمان ٿي پوين ته مون کي بيشڪ وڏي خوشي ٿئي. حمزه رضي الله عنه انهيءَ ئي وقت مسلمان ٿيو.

## حضرت عمر رضي الله عنه جو مسلمان ٿيڻ

امير حمزه کان ٽي ڏينهن پوءِ عمر بن خطاب مسلمان ٿيو. هو وڏو دلير ۽ بهادر شخص هو. هڪڙي ڏينهن بهادريءَ تي ڀروسو رکي نبي ﷺ کي مارڻ لاءِ گهر کان نڪتو. واٽ تي هن کي پتو پيو ته سندس ڀيڻ ۽ ڀاٽيجو مسلمان ٿيا آهن. هي ڀڃي ڀيڻ جي گهر ويو ۽ ٻنهي کي خوب ماريائين. ڀيڻ چيو ته توهان ڀريائين اهو ڪلام ٻڌو جنهن کي ٻڌي اسان ايمان آندو آهي، جيڪڏهن توهان کي نه وڻي ته اسان کي ماري ڇڏجو. عمر رضي الله عنه چيو ته چڱو ٺيڪ آهي. هڪ اصحابي جو اتي لڪل هو، تنهن قرآن شريف پڙهيو. عمر رضي الله عنه ٻڌي بي اختيار رنو. الغرض عمر رضي الله عنه انهي ئي وقت نبيﷺ ۽ قرآن تي ايمان آندو. جو شخص گهر کان قاتل بنجي نڪتو هو سو جان نثار بنجي پيو. ڪجھ وقت ڪانپوءِ سندس لقب فاروق ٿيو. هن وقت تائين مسلمان گهرن ۾ لڪي نماز پڙهندا هئا. هاڻي ڪعبه ۾ وڃي پڙهڻ لڳا، تنهن تي ڪافرن کي وڌيڪ ساڙ لڳو، ۽ مسلمانن کي بيحد تڪليفون ڏيڻ لڳا.

## بنو هاشم تي سختي، ابو طالب ۽ خديجه رضي الله عنها جي وفات

جڏهن ڪافرن ڏٺو ته تڪليفن هوندي به نبي ﷺ نهايت جرائت سان پنهنجو ڪم پيو ڪري، تڏهن صلاح ڪري سيني بنو هاشم سان تعلق ٽوڙي ڏيتي ليتي بند ڪئي. نبي ﷺ جو قبيلو لاچار ٿي جبل ۾ وڃي رهڻ لڳو، جتي ڪاڻ جي شين جو وڃڻ به قريشين بند ڪيو. اهو لکيل ٺهراءُ قريش ڪعبي جي پٽ تي چهٽائي ڇڏيو هيو. ٽن ورهن کان پوءِ اهو ڪاغذ هڪ جيت کائي ڇڏيو، تڏهن نبي ﷺ جن ٻاهر نڪتا، ۽ وعظ جو سلسلو وري شروع ڪيائين.

نبوت جي ڏهين سال ابوطالب ۽ بيبي خديجه رضي الله عنها وفات ڪئي، جنهن ڪري نبي ﷺ کي سخت صدمو رسيو. هاڻي قريش نبي ﷺ تي زياده ظلم شروع ڪيو، مگر نبي ﷺ تنهن هوندي به زياده جوش سان وعظ جو ڪم ڪندو رهيو.

## طائف جو بيان

ٿورن ڏينهن کان پوءِ نبي ﷺ مڪي کان ٻاهر وعظ ڪرڻ لاءِ روانا ٿي ويا، زيد بن حارث ساڻ هو. مڪي ۽ طائف وڃي پهتا. اتي جا ماڻهو بنو ثقيف ملڪ جي سر سبز ۽ آباد هئڻ ڪري بلڪل مغرور هئا. نبي ﷺ ڀريائين ٽن سردارن کي جي ڀائر


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

هئا اسلام جي دعوت ڏني هنن نهايت سخت جواب ڏنا. هڪڙي چيو تہ خدا کي توهان کان سواءِ جنهن کي سواري بہ ڪانهي، ٻيو ماڻهو ئي ڪو نہ ٿي لڌو جنهن کي رسول ڪري موڪلي ها؟ هن کي رسول موڪلڻو هجي ها تہ ڪنهن حاڪم يا سردار کي رسول ڪري موڪلي ها! پوءِ نبي ﷺ اتان ڪان اتي عام ماڻهن ۾ وعظ شروع ڪيو. هنن سردارن پنهنجي ٻانهن ۽ شهر جي ڇوڪرن کي سيڪاري ڇڏيو، جن وعظ وقت ايترا پٿر اڇلايا جو حضور ﷺ رتو رت ٿي ويا، رت وهي وهي جتي مبارڪ ۾ ڄمي پيو، ۽ وضوءَ جي وقت پير مان جوتو ڪڍڻ مشڪل ٿي پيو. وعظ ڪندي ڪندي. خدا جي رسول کي ايتريون چوٽون لڳيون، جو حضور ﷺ بيهوش ٿي ڪري پيا، زيد ڪين پٺيءَ تي ڪڍي ٻاهر ويو، ۽ پاڻي جي ڇنڊن سان نبي ﷺ جن وري هوش ۾ آيا. هن سفر ۾ ايترين تڪليفن ۽ ايذائن بعد هڪ شخص جي بہ مسلمان نہ ٿيڻ جي رنج ۽ صدمي جي وقت بہ نبي ﷺ جي دل خدا جي عظمت ۽ محبت سان پرپور هئي. انهيءَ وقت جا دعا گهريائون تنهن جا ڪي الفاظ هي آهن:- الٰهي! تون سيني رحم ڪرڻ وارن کان وڌيڪ رحم ڪرڻ وارو آهين، جڏهن مون تي تنهنجو غضب ناهي. تڏهن مون کي هنن تڪليفن جي ڪجھ پرواهہ ناهي. مان تنهنجي ذات جي نور جي پناهہ ٿو گهران، جنهن سان سڀ اونداهيون روشن ٿيون ٿين. مون کي تنهنجي ئي رضامندي ۽ خوشنودي درڪار آهي، ۽ نيڪي ڪرڻ ۽ بديءَ کان بچڻ جي طاقت مون کي تنهنجي طرف کان ٿي ملي.

نبي ﷺ طائف کان واپس اچڻ وقت هيئن بہ فرمايو تہ مان هنن ماڻهن جي تباهي واسطي ڇو دعا گهران. جيڪڏهن هي ماڻهو خدا تي ايمان نٿا آڻين تہ ڇا ٿيو، اميد آهي تہ هنن جا اينڊڙ نسل ضرور هڪ خدا تي ايمان آڻيندا.

## جادوگر جو مسلمان ٿيڻ

طائف مان موٽڻ بعد نبي ﷺ مڪي ۾ ۽ مڪي کان ٻاهر ڪيترن قبيلن ۾ وعظ ڪندا رهيا. انهن ڏينهن ۾ سو يدبن صامت ۽ رياس بن معاذ فقط قرآن ٻڌڻ سان مسلمان ٿي پيا. انهن ئي ڏينهن ۾ ضماداري مڪي ۾ آيو. هي يمن جو رهاڪو ۽ عرب جو مشهور افسون گر هو. جڏهن ٻڌو تہ محمد ﷺ تي جنن جو اثر آهي تڏهن قريشن کي چيائين تہ مان محمد ﷺ جو علاج پنهنجي منتر سان ڪري سگهندس هو نبي ﷺ جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ چيائين تہ محمد ! چو تہ توهان کي منتر ٻڌايان نبي ﷺ فرمايو تہ پهريائين منهنجو تہ ٻڌو، پوءِ نبي ﷺ هن کي ڪي جملا قرآن شريف جا ٻڌايا. ضماد هٿ ٻڌي هڪدم چيو تہ اهي جملا وري ٻڌايو. ٻي ٽي دفعا ٻڌي بي اختيار چيائين تہ مون گهڻا ڪاهن جادوگر ۽ شاعر ڏٺا ٻڌا آهن، مگر اهڙو ڪلام مون ڪڏهن ڪو نہ ٻڌو. هي ڪلما تہ هڪ بي ڪنار سمنڊ وانگر آهن. محمد ﷺ خدا جي واسطي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

پنهنجو هٿ وڌايو تہ مان اسلام جي بيعت (تابعداري) ڪيان.

## معراج

نبوت جي ڏهين سال معراج ٿيو، ۽ الله تعاليٰ نبي ﷺ کي ملڪوت السموات والارض جو سير ڪرايو.

## طفيل جو مسلمان ٿيڻ

انهن ڏينهن ۾ طفيل بن عمرو مڪي ۾ آيو. هو اوس جي قبيلي جو سردار هو، ۽ شاعر ۽ هوشمند شخص هو. قريش هن جو استقبال ڪري هن کي سمجهائي ڇڏيو تہ محمد ﷺ جي زبان جي جادوءَ ۾ پاڻ کي نہ ڦاسائجو. طفيل ڪنن ۾ ڪپهہ وجهي گهمڻ لڳو. هڪ ڏينهن اوچتو ڪعبي ۾ نبي ﷺ کي نماز پڙهندي ڏٺائين. قرآن شريف جو ڪلام ڪيس ڏاڍو وڻيو، ۽ چيائين تہ خدا جو قسم آهي تہ اهڙو پاڪيزه ڪلام مون ڪڏهن نہ ٻڌو. الغرض طفيل انهيءَ وقت مسلمان ٿيو. جنهن کي قريش گهڙيءَ گهڙيءَ مخدوم سڏيندا هئا سو گهڙيءَ ۾ نبي ﷺ جو خادم بڻجي ويو.

## هجرت جا سبب عقبہ جي پهرين بيعت

سنہ 11 نبوت جي حج جي موسم جو ذڪر آهي تہ نبي ﷺ رات جي اونداهي ۾ مڪي کان ٽورا ميل پري عقبہ وٽ ڪن ماڻهو کي ڳالهائيندي ٻڌو. هو ڇهہ ماڻهو هئا، ۽ يثرب (مدينہ) کان آيل هئا. نبي ﷺ هنن جي اڳيان خدا جي عظمت (وڏائي) ۽ جلال (شان) جو بيان شروع ڪيو، ۽ نيڪي ڪرڻ جي تعليم ڏني، ۽ قرآن مجيد پڙهي ٻڌايو. هنن يثرب جي يهودين کان ٻڌو هو تہ هڪڙو نبي ﷺ جلد پيدا ٿيڻو آهي هن تعليم جي ڪري هو هڪدم مسلمان ٿيا، ۽ وطن ۾ اچي اسلام جا سچا پکيڙيندڙ ٿيا. هنن اها خوشخبري پيي ٻڌائي تہ اهو نبي ﷺ جنهن لاءِ سڄيءَ دنيا پي نهاريو، اسان جي اکين هن جو ديدار ڏٺو، ۽ هن اسان کي هميشہ جيري رهڻ واري خدا سان ملايو آهي، هاڻي دنيا جي زندگي ۽ موت اسان جي اڳيان ڪجھ ناهي.

هنن ماڻهن جي خوشخبري پهچائڻ جو نتيجو اهو ٿيو جو يثرب جي گهر گهر ۾ حضرت ﷺ جو ذڪر ٿيڻ لڳو، ۽ ٻئي سال يثرب جا 12 ماڻهو حضرت ﷺ جي خدمت ۾ اچي مسلمان ٿيا. هنن ماڻهن جن ڳالهين تي بيعت ڪئي سي هي آهن:

1) اسان هڪ خدا جي عبادت ڪنداسين ۽ ڪنهن کي هن جو شريڪ نہ بنائينداسين.
2) اسان چوري ۽ زنا ڪڏهين ڪين ڪنداسين.
3) اسان پنهنجي اولاد کي قتل نہ ڪنداسين.
4) اسان ڪنهن تي ڪوڙي تهمت نہ لڳائينداسين نڪي چغلي هڻنداسين.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

5) اسان نبي ﷺ جي فرمانبرداري سڀ کنهن چڱي ڳالهه ۾ کنداسين.

## مديني جي ماڻهن جو مسلمان ٿيڻ

جڏهن هي ماڻهو موٽڻ لڳا تڏهن نبي ﷺ هن کي مصعب ابن عمير ساڻ ڪري ڏنو، انهيءَ لاءِ ته هو هنن کي اسلام سيکاريندو رهي. يثرب جا 2 سردار ڪاوڙ جي معصب سان وڙهڻ آيا، پهريائين گاريون ڏنائون. پر معصب جي سمجهائڻ ۽ قرآن ٻڌڻ بعد مسلمان ٿيا. پوءِ سندن قبيلا به مسلمان ٿيا.

## عقبه جي ٻي بيعت

ٻئي سال يعني نبوت جي 13 سال 73 مردن ۽ 2 عورتن ڪي يثرب جي ماڻهن نبي ﷺ ڏانهن انهيءَ لاءِ موڪليو ته هو نبي ﷺ جي يثرب ۾ اچڻ جي دعوت ڪن. هي قافلو انهيءَ متبرڪ (برڪت واري) جاءِ تي، جتي ٻن سالن ڪان وٺي يثرب جا مشتاق حاضر ٿيندا هئا، رات جي انڌاري ۾ اچي پهتو، ۽ خدا جو رسول ﷺ به پنهنجي چاچي عباس رضي الله عنه سان گڏ اتي وچي نڪتو. يثرب جي ماڻهن عرض ڪيو ته حضور ﷺ اسان جي شهر ۾ هلي رهن، ته اسان کي پورو پورو فيض حاصل ٿئي. نبي ﷺ پڇيو ته اوهان سچي دين جي پکيڙڻ ۾ پوري پوري مدد ڪندؤ، ۽ جڏهن اتي هلي رهون تڏهن منهنجي ۽ منهنجي ساٿين جي مدد پنهنجي عيال وانگر ڪندو؟ ايمان وارن پڇيو ته ائين ڪرڻ لاءِ اسان کي عيوض ۾ ڇا ملندو؟ نبي ﷺ فرمايو ته بهشت! وري ايمان وارن عرض ڪيو ته حضور اسان کي تسلي ڏين ته وري اسان کي ڇڏي نه ويندا. نبي ﷺ فرمايو ته نه، منهنجو جيئڻ ۽ مرڻ اوهان سان گڏ ٿيندو. هن جملي ٻڌڻ شرط هي سچا اسلام جا عاشق عجيب خوشيءَ سان جان قرباني جي بيعت ڪرڻ لڳا.

## مهاجرن تي سختيون

هن ٻي بيعت ڪانپوءِ جي مسلمانن قريشن جي ظلم ڪان بيتاب هئا، تن کي يثرب ڏانهن هجرت ڪرڻ جي اجازت ملي. هنن ايمان وارن کي گهر ٻار، مٽ مائٽن پي پاءُ ۽ زال ڇڏڻ جو ذرو به غم نه هو، بلڪ اها خوشي هين ته يثرب ۾ خدا جي عبادت پوريءَ آزادي سان ڪري سگهنداسين.

هجرت ڪرڻ وارن کي به مکي جي قريشن جي سخت روڪ جو مقابلو ڪرڻو پي پيو. ڪيترن ئي کي قريشن گرفتار ڪري مارون ڏيئي قيد ۾ پي رکيو.

# (هجرت)


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ پاڳي پائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

## نبي ﷺ کي قتل ڪرڻ جي ڪوشش

جڏهن مسلمان مڪي ۾ ٿورا وڃي رهيا، ۽ مشهور اصحابن مان فقط ابوبڪر رضي الله عنه ۽ علي رضي الله عنه باقي رهيا، تڏهن قريشن چيو ته هاڻي محمد ﷺ کي قتل ڪرڻ جو چڱو وجهه آهي. قريشن گڏجي ڳجهيءَ طرح صلاح مصلحت ڪئي. ڪجهه بحث ڪان پوءِ ابو جهل جي تدبير سڀني کي پسند آئي. اها هيءَ هئي ته عرب جي هر ڪنهن قبيلي مان هڪ جوان مرد چونڊجي، اهي سڀ بهادر رات جي اونداهيءَ ۾ محمد ﷺ جي گهر کي گهيرو ڪري وڃن، ۽ جڏهن نبي ﷺ صبح جو نماز واسطي ٻاهر نڪري، تڏهن سڀ پنهنجي پنهنجي ترار سان هن تي حملو ڪن، ۽ ٻوٽي ٻوٽي ڪري ڇڏن.

## الله تعاليٰ جي حمايت سان سندن بچڻ

انساني تدبير جي مقابلي ۾ هاڻي الاهي طاقت ۽ رباني حمايت ڪي ڏسو. جڏهن هنن رسول ﷺ جي گهر کي گهيرو ڪيو، تڏهن خدا جي نبيءَ ﷺ پنهنجي پياري سوٽ عليءَ رضي الله عنه کي فرمايو ته تون منهنجي بستري تي منهنجي چادر پائي سمهي رهه، ذرو به فڪر نه ڪجانءِ، ڪوئي به شخص تنهنجو وار به ڏنگو ڪري نه سگهندو. حضرت علي رضي الله عنه هنن تلوارن جي پاڇي ۾ نهايت بي فڪريءَ سان مزي جي ننڊ ۾ پئجي ويو. خدا جو رسول ﷺ خدا جي حفاظت ۾ ٻاهر نڪتو، ۽ هنن دل جي انڌن جي اکين ۾ خاڪ وجهي سورت يٰسين پڙهندو صاف نڪري ويو، ۽ ڪنهن به ڪيس نه ڏٺو. هي واقعه 27 صفر سنه 13 نبوت خميس ڏينهن ٿيو.

## غار ۾ لڪڻ

نبي ﷺ سڌو ابوبڪر رضي الله عنه جي گهر ويا. ۽ اتان ٻئي گڏجي ثور جبل جي غار ۾ وڃي لڪا، ٽن ڏينهن تائين اتي رهيا چوٿين رات ابوبڪر رضي الله عنه جي گهر مان ٻه ڏاچيون آيون، جن کي انهي سفر لاءِ متارو ۽ تيار ڪيو ويو هو. هڪڙيءَ تي نبي ﷺ ۽ ابوبڪر رضي الله عنه ۽ ٻيءَ تي عامر بن فهيره ۽ عبدالله بن اريقط سوار ٿيا ۽ مدينه جي طرف روانه ٿيا.

## ام معبد جي گهر ڪان لنگهڻ

هي مبارڪ قافلو غار ڪان نڪري ٻهرين ئي ڏينهن ام معبد جي خيمي ڪان اچي لنگهيو. هي عورت مسافرن جي گهڻي ٽهل ڪرڻ لاءِ مشهور هئي. اتي پهچي ٻڍيءَ زال ڪان پڇيائون ته تو وٽ ڪا شيءَ آهي. هن چيو ته نه، هجي ها ته پڇڻ ڪان اڳ ئي حاضر ڪريان ها. نبي ﷺ خيمي جي ڪنڊ ۾ هڪڙي ٻڪري ڏٺي ۽ پڇيائون ته هي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ٻڪري جو بيٺي آهي. ام معبد جواب ڏنو ته هيٺي آهي. ڏڻ سان وچي نه ٿي سگهي. نبي ﷺ فرمايو ته اجازت ملي ته اسان هن مان کير ڏهون. ام معبد چيو ته جي حضور کي کير معلوم ٿئي ٿو ته پلي ڏهن. نبي ﷺ ٿڻن کي هٿ هٽي برتن گهريو، اهو اهڙو پرجي پيو جو کير اچلجي زمين تي ڪري پيو. اهو کير حضرتﷺ ۽ ساٿين پيتو. ٻئي ڀيري ٻه ٿانءُ ڀريو جو سنگتين پيتو. ٽئين ڀيري ٻه برتن پرجي پيو، اهو ام معبد جي واسطي ڇڏي اڳتي روانا ٿيا. جڏهن ام معبد جو مڙس گهر آيو تڏهن کير ڏسي حيران ٿيو. ام معبد کي چيائين ته انهيءَ متبرڪ شخص جو ڪجھ بيان ٻڌاءِ، ام معبد سڄو بيان ٻڌايو. هن ٻڌي چيو ته هي ته ضرور اهو صاحب قريش آهي جنهن جي تلاش ۾ هوس، هاڻي ضرور وچي هن سان ملندس.

## مديني پهچڻ

8 ربيع الاول سنه 13 نبوت سومر ڏينهن خدا جو نبي قبا ۾ پهتو. اتي ٽي ڏينهن رهيا، انهن ڏينهن ۾ پهريون ڪم اهو ڪيائين جو خدا تعاليٰ جي عبادت لاءِ هڪ مسجد جوڙيائون. هن جاءِ تي علي مرتضيٰ رضي الله عنه به پيرين پيادو اچي نڪتو. هن کي نبي ﷺ انهيءَ لاءِ پنتي ڇڏيو هو ته جن ماڻهن جون امانتون حضرت ﷺ جي گهر ۾ هيون سي انهن کي موٽائي ڏجن. ٻارهين ربيع الاول جي جمعه جي ڏينهن نبي ﷺ جن قبا کان سوار ٿي بني سالم جي گهرن تائين پهتا، ته جمعي جو وقت ٿي ويو. هتي 100 ماڻهن سان گڏ جمعو پڙهيائون. هي اسلام ۾ پهريون جمعو هو. جمعي جي نماز کان فارغ ٿي نبي ﷺ جن يثرب جي ڏاکڻي پاسي کان شهر ۾ داخل ٿيا، ۽ ان ڏينهن کان وٺي شهر جو نالو مدينة النبي (نبي جو شهر) ٿيو، جنهن کي مختصر طرح رڳو مدينو ٿو ڪوٺجي. داخلو عجيب شاندار هو، گهٽين ۽ رستن ۾ خدا جي تعريف جا نعرا لڳي ويا، ۽ مرد عورتون ٻار ۽ پوڙها سڀ خدا جي نور جي جلوه جو ديدار ڪرڻ لاءِ نڪري آيا.

## انصارن جي ڪشادہ دلي

بزرگ انصار (يعني مدينه جا مسلمان) ڪي وڏا شاهوڪار يا جاگيردار ڪين هئا مگر دل جا اهڙا ڪشادا ۽ اسلام تي اهڙا فدا هئا جو جڏهن ڪو مسلمان مهاجر (هجرت ڪري آيل) پنهنجي جان بچائي بڪيو اجيو مديني ۾ پهتو ٿي ته هر ڪنهن انصاريءَ جي مرضي اها هئي ته اهو مهاجر مون وٽ هلي ٽڪي. آخر ڪٿن تي فيصلو پي ٿيو، ۽ هر ڪنهن انصاريءَ پنهنجي مهاجر ڀاءُ کي اڌ ملڪيت جو ورهائي ٿي ڏنو، ۽ رات ڏينهن شڪر پي ڪيائين ته خدا دين جي هڪ ڀاءُ کي هن جو حصي دار بنايو آهي.

## مديني جي حالت


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

مڪي ۾ فقط قريش قوم جو زور هو، جن جو مذهب بت پرستي هو. مگر مديني ۾ گهڻيون قومون ۽ گهڻا مذهب هئا. اتي بت پرست بہ هئا، يهودي بہ ۽ ٿورا عيسائي بہ. يهودي واپار ڪرڻ ۽ وياج کائڻ ڪري بلڪل شاهوڪار هئا ۽ جدا قلعن ۾ رهندا هئا. يهودي ۽ عيسائي هڪ پيدا ٿيڻ واري نبي جي انتظار ۾ هئا، تنهن هوندي بہ هو نبي ﷺ جا دشمن ٿيا. يهودي هن ڪري دشمن ٿيا جو نبي ﷺ مسيح کي سچو پيغمبر ڪري سمجهندا هئا، عيسائي هن ڪري جو انهن جي ڪيترن مسئلن کي، مثلاپوپ جي الاهي طاقت کي نبي ﷺ رد ڪيو. يهودين کان سواءِ مديني ۾ عبدالله بن ابي سلول بہ هڪ زور وارو شخص هو. هن کي مديني جي رئيس ٿيڻ جي اميد هئي. مگر جڏهن ڏنائين تہ اوس ۽ خزرج جون قومون مسلمان ٿي ويون تڏهن لاچار پاڻ بہ ظاهر مسلمان ٿيو. جڏهن هن ڏٺو تہ يهودي نبي ﷺ جي خلاف آهن تڏهن ڳجهي طرح هنن سان شامل ٿي مسلمانن کي نقصان رسائڻ کان ڪين ٽرندا هئا. اهڙن ماڻهن کي مسلمان منافق سڏيندا هئا. هن مان معلوم ٿيندو تہ نبي ﷺ کي مديني ۾ بہ گهڻين تڪليفن کي سامهون ٿيڻو پيو.

## قريش ۽ يهودين جا حملا ۽ عهدناما

مديني ۾ پهچي نبي ﷺ هي مناسب خيال فرمايو تہ سيني قومن جي وچ ۾ هڪ عهدنامو ڪجي جو نسل ۽ مذهب جو اختلاف، قوميت (نيشن) جي وحدت سان متجي وڃي، ۽ سڌاري ۽ ترقي ڪرڻ ۾ هڪ ٻئي کان مدد ملندي رهي. هن عهدنامي جا ڪي جملا هي آهن تہ هي سڀ ماڻهو هڪ قوم سمجهڻ ۾ ايندي. يهودي مسلمانن سان گڏ هڪ قوم ٿي رهندا. عهدنامي ڪرڻ وارين قومن سان ڪو جنگ ڪندو تہ مسلمان هن جي مدد ڪندا. مسلمانن جو تعلق عهدنامي وارين قومن سان خير خواهي ۽ فائدي پهچائڻ وارو ٿيندو ۽ نہ ضرر ۽ گناهہ جو. جنگ جي ڏينهن ۾ يهودي مسلمانن سان خرچ ۾ شامل رهندا، يهودين جي دوستدار قومن جا حق يهودين جي برابر سمجهڻ ۾ ايندا ۽ مظلومن جي مدد ڪئي ويندي. مديني جي اندر قتل ڪرڻ حرام سمجهيو ويندو. هن عهدنامي تي مديني جي سيني قومن جون صحيحون ٿيون. تنهن کان پوءِ نبي ﷺ جي مرضي ٿي تہ آسپاس جي قومن کي بہ هن عهدنامي ۾ شامل ڪجي هن مبارڪ ارادي سان نبي ﷺ جن ڪن شهرن تائين سفر ڪيا، ۽ اتي جي ماڻهن کي عهدنامي ۾ شامل ڪيو. هن مبارڪ ارادي جي پوري ڪرڻ واسطي پورو وقت ملي ها تہ دنيا کي معلوم ٿئي ها تہ رحمت للعالمين (نبي جو لقب) دنيا ۾ تلوار هلائڻ نہ آيا هئا بلڪ صلح پکيڙڻ ۽ امن قائم ڪرڻ واسطي آيا هئا.

## جنگ بدر


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

نبي ﷺ ۽ ٻيا مسلمان اگرچه وطن ڇڏي 300 ميل پري وڃي رهيا ته به قريش کي آرام نه آيو يهودين سان ڳجهي طرح ملي مسلمانن کي چوائي موڪليائين ته مغرور نه ٿجو، اسان مديني ۾ ئي اچي اوهان جي ستيا ناس ڪنداسين. هن پيغام کان پوءِ هنن ڏگهو ڏور ڪٽي وڃڻ ۽ فصل ناس ڪرڻ شروع ڪيو. رمضان مهيني سنه 2 هجري ۾ ابوجهل مڪي ۾ ظاهر ڪيو ته جيڪو اسان جو قافلو زر ۽ مال سان پريل شام کان پيو اچي تنهن کي مسلمان لٽيندا. انهيءَ مان هن جو مطلب اهو هو ته جن جو مال يا مائٽ انهيءَ قافلي ۾ آهن ۽ جن کي مسلمانن سان سخت دشمني آهي سي سي جنگ لاءِ تيار ٿيندا، ٿيو به ائين. هڪ هزار بهادرن جي فوج (جن جي سواريءَ ۾ ست سو اٺ ۽ ٽي سؤ گهوڙا هئا) وٺي ابوجهل اڳتي وڌيو. قافلو ته خير سان مڪي ۾ پهچي به ويو هو، ته به ابوجهل مديني ڏانهن وڌندو ويو، تڏهن مسلمانن کي ڪجهه به شڪ نه رهيو ته هي چڙهائي غريب مسلمانن تي آهي.

نبي ﷺ اصحابن سان صلاح ڪئي، هنن تسلي جهڙو جواب ڏنو. انصارن به چيو ته حضور جن جيڪو حڪم ڏيندا تنهن جي تعميل ڪنداسين. مسلمان اڳئي تيار ٿيل نه هئا. انصار ۽ مهاجر گڏجي سڀ 313 شخص ميدان ۾ وڃڻ جهڙا نڪتا، تن کي به نڪا پوري سواري هئي نڪي پورا هٿيار هئا. سڄي لشڪر ۾ 26 گهوڙا ۽ 60 اٺ هئا، مگر هو اسلام تي اهڙا فدا هئا جو مرڻ کي هنن هميشه جي زندگي ٿي سمجهيو. هن وقت تائين مسلمانن کي جنگ جي اجازت ڪا نه هئي. هاڻي خدا وٽان حڪم آيو جنهن ۾ جنگ جي اجازت جا سبب هي ڏيکاريل آهن:

1) بچاءُ لاءِ وڙهڻ وارن جو مظاهرو هئڻ ۽ حملي ڪرڻ وارن جو ظالم هئڻ.
2) هنن کي گهر ٻار کان تڙي ڪيڻ ۽ ملڪيت کان بيدخل ڪرڻ سو به رڳو مذهب جي اختلاف جي سبب.
3) ڪيل عهدنامي جي حفاظت، مذهب جي آزاديءَ جو اصول قائم ڪرڻ ۽ عهدنامي وارين قومن جي مندرن وغيره جو بچاءُ ڪرڻ.

جڏهن 313 ماڻهن جو لشڪر بدر ۾ پهتو تڏهن ڏٺائون ته دشمن جو لشڪر سامهون لٿل آهي. نبي ﷺ جنگ جو ميدان ڏٺو ۽ ٻڌايائون ته سڀاڻي انشاءَالله فلاڻو دشمن هن جاءِ تي ۽ فلاڻو فلاڻو هن جاءِ تي قتل ٿيندا. 17 رمضان جمع ڏينهن جنگ ٿي. جنگ کان اڳي نبي ﷺ دعا گهري جا هر طرح مقبول ٿي. خدا ئي مدد سان مڪي وارن کي شڪست آئي. انهن جا 70 مشهور ماڻهو قيد ٿيا ۽ 70 بهادر مارجي ويا. ابوجهل به اتي ئي مارجي ويو. هن زماني جي قانون موجب ۽ مصلحت واسطي سيني قيدين کي قتل ڪرڻ گهربو هو، مگر رحمدل نبي ﷺ عيوض وٺي سيني کي ڇڏي ڏنو. جيڪي قيدي لکي پڙهي ڄاڻندا هئا تن جو عيوض (فديو) اهو مقرر ٿيو ته انصارن جي ٻارن کي لکڻ پڙهڻ سيکارين.

**عمير جو اسلام آڻڻ**


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

بدر جي جنگ کان ٿورا ڏينهن پوءِ صفو ان بن اميه جنهن جو پيءُ بدر ۾ قتل ٿيو هو ۽ عمير بن وهب جنهن جو پٽ اڃان مسلمانن جي هٿ ۾ قيد هو، سي مکي کان ٻاهر هڪڙي وير ان هنڌ گڏجي صلاح ڪرڻ لڳا. عمير چيو ته مون تي قرض نه هجي ۽ پنهنجي ڪٽنب جو خيال نه هجي ته محمد ﷺ کي قتل ڪري اچان. صفو ان جواب ڏنو ته قرض مان پريندس ۽ تنهنجي ڪٽنب کي به مان خرچ ڏيندس. عمير جڏهن نبي ﷺ وٽ آيو تڏهن نبي ﷺ هن کي ٻڌايو ته تون فلاڻي جاءِ تي صفوان سان صلاح ڪري مون کي مارڻ لاءِ آيو آهين. عمير کي حيرت لڳي ته جنهن ڳالهه جي صفوان کان سواءِ ڪنهن کي خبر ڪانهي تنهن جي خبر نبي ﷺ کي ڪيئن خبر پئي سو هڪدم مسلمان ٿي پيو.

## ابو سفيان جو حملو

بدر جي شڪست کان پوءِ ابو سفيان بدلي وٺڻ جو قسم ڪنيو هو، سو ٻه سؤ سوار وٺي مديني ۾ هڪڙي يهودي وٽ رات جي وقت ويو. مقابلي جو وجهه نه ڏسي فقط ڦر سان پريل ڪجين کي باهه ڏيئي هڪڙي مسلمان کي ماري پٺتي موٽيو.

## احد جي جنگ

ٻئي سال مکي جي قريش وري مديني تي حملو ڪيو هن دفعي ماڻهن کي جوش ڏياري چندو ڪيائون نيٺ پنج هزار بهادرن جو لشڪر جنهن ۾ ٽي هزار اٺ سوار 2 سؤ گهوڙي سوار ۽ ست سؤ زره پوش پيادا هئا وٺي مديني ڏانهن وڌيا. نبيﷺ جي راءِ هئي ته مديني ۾ اندر رهي بچاءُ جي ڪوشش ڪجي. مگر گهڻن جي راءِ تي فيصلو ٿيو ۽ مسلمانن احد جي ڳاڙهي جبل تائين ٻاهر نڪري مقابلو ڪيو. مسلمان تعداد ۾ هڪ هزار هئا. اهڙي مهل ۾ عبدالله بن ابي سلول دغا ڪئي ۽ پنهنجي ٽن سون شخصن کي موٽائي وٺي ويو. تنهنڪري 700 مسلمانن تي 5 هزار حمله ڪندڙن جو بار پيو. پهريائين دشمن شڪست کاڌي، پر جن تير اندازن کي پٺيان جبل تي بچاءُ لاءِ بيهاريو ويو هو، سي فتح ڏسي پنهنجي جاءِ ڇڏي اڳتي وڌيا، چالاڪ دشمن وجهه ڏسي هڪدم پٺيان حملو ڪري ڏنو. مسلمانن کي اهڙو سخت وقت آيو جو ستر اصحابي شهيد ٿيا، ۽ لشڪر جو وڏو حصو ڇڙو ڇڙ ٿي ويو. نبي ﷺ وٽ فقط ٻارهن اصحابي وڃي رهيا، ۽ سڄي ميدان ۾ ستر اصحابي وڃي بچيا. دشمنن خدا جي نبي تي پٿر اڇلايا سندن پيشاني ۽ ٻانهن زخمي ٿي پيا، ۽ چار ڏند مبارڪ به شهيد ٿي پيا. پوءِ حضرت جن هڪڙي کڏ ۾ ڪري پيا. افواه ٿيو ته حضور ﷺ شهيد ٿيا. ان وقت بيبي فاطمه، بيبي عائشه ۽ ٻيون عورتون ڊوڙنديون آيون ۽ اچي زخمن کي ڌوتائون.

## نبي ﷺ جن ٻنهي جهانن جي لاءِ رحمت


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

هن جنگ ۾ مصعب بن عمير رضي الله عنه شهيد ٿيو، ۽ نبي جو چاچو امير حمزه رضي الله عنه پڻ شهيد ٿيو. جنهن وقت پيغمبر ﷺ وٽ باقي 12 اصحابي وڃي رهيا هئا، تنهن وقت انهن اصحابن گهڻي شجاعت ڏيکاري نبي ﷺ جي چوڌاري هڪڙو قلعو ٺاهي بيهي رهيا. طلحہ پنهنجص هٿ کان ڍال جو ڪم ورتو، ۽ حضرت ﷺ ڏانهن اڇلايل تير هٿ سان روڪيندو ويو. اهو هٿ هميشہ لاءِ شل ٿي ويو. هن جنگ ۾ اصحابن نبي ﷺ کي عرض ڪيو، تہ هنن ڪافرن تي بددعا فرمايو. نبي ﷺ فرمايو تہ مان لعنت ڪرڻ واسطي نبي ڪين ٿيو آهيان، مون کي الله تعاليٰ ماڻهن کي ڏانهس آڻڻ ۽ رحمت جي لاءِ موڪليو آهي، يا خدا! تون منهنجي امت کي هدايت فرماءِ، هو مونکي نٿا سڃاڻن.

## اصحابين کي دغا سان قتل ڪرڻ

احد جي جنگ کانپوءِ دشمنن مسلمانن کي پامال ڪرڻ لاءِ مختلف تدبيرن تي عمل ڪيو. هڪڙي ڀيري قريشن ڏهن اصحابن کي دغا سان ٻاهر ڪڍي حملو ڪيو. اٺ اصحابي مقابلو ڪندي شهيد ٿيا، باقي ٻہ خبيب ۽ زيد گرفتار ٿيا. هنن کي ڦاسي جي هيٺيان بيهاري چيائون تہ اسلام ڇڏي ڏيو تہ اسان توهان کي ڇڏي ڏينداسين. هنن جواب ڏنو تہ جڏهن اسلام نہ رهيو تہ جان کي رکي ڇا ڪنداسين نيٺ هنن کي ڦاسيءَ ۾ لٽڪائي نيزن سان هنن جي جسم کي ڇچري ڇڏيائون ۽ هنن رڳو اف بہ نہ ڪئي. ٻئي ڀيري بہ ستر اصحابي دغا سان اسلام سيکارڻ جي بهاني تي گهرايا ويا، ۽ سڀئي قتل ڪيا ويا.

## مڪي تي چڙهائي

سنہ 80 هجري ۾ مسلمانن کي لاچار ٿي رمضان جي مهيني ۾ مڪي تي چڙهائي ڪرڻي پئي. سبب هيءَ هو جو سنہ 6 هجري ۾ قريش سان حديبيہ جو عهدنامو ٿيو هو، جنهن جا ڪي شرائط هئا، تہ ڏهن سالن تائين جنگ نہ ٿيندي، ۽ جي قومون نبي ﷺ سان ملڻ گهرن ملڻ گهرن سي انهن سان ملي وڃن. عهدنامي کي اڃا ٻہ ورهيہ بہ پورا نہ ٿيا هئا ۽ بنوبڪر جي قبيلي بنو خزاعہ تي حملو ڪيو، ۽ قريش بنوبڪر کي هٿيارن جي مدد ڏني. ويچارن بنو خزاعہ وارن امان گهري، پڇي ڪعبي ۾ پناه بہ ورتي تہ بہ هنن کي بي رحميءَ سان قتل ڪيو ويو. مظلومن جا چاليهہ ماڻهو جن پڇي جان بچائي، سي نبي ﷺ جي خدمت ۾ پهتا، ۽ پنهنجي مظلومي ۽ بربادي جو داستان ٻڌايائون. (1) عهدنامي جي پابندي (2) مظلومن جي داد رسي (3) ۽ دوستدار قبيلن جي آئينده حفاظت جي غرض سان — نبي ﷺ مڪي جي طرف روانا ٿيا ۽ ڏهہ هزار آدمي ساڻ هليا اڃان بہ منزلون مس هليا هئا تہ ابوسفيان بن الحارث نبي ﷺ جو سوٽ ۽ عبدالله بن اميہ نبي ﷺ جو پڦاٽ حضور ﷺ ساڻ مليا. هنن نبي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ﷺ کي سخت ايذاءُ پهچايا هئا ۽ اسلام کي برباد ڪرڻ ۾ وڏيون ڪوششون ڪيون هيون، تنهنڪري نبي ﷺ هن کي ڏسي منهن مبارڪ ٻئي پاسي ڦيرايو. تنهن ڪان پوءِ حضرت علي هنن کي سمجهايو ته جن لفظن ۾ يوسف عليه السلام جي ڀائرن معافي گهري هئي اهي ئي لفظ ڪم آڻيو ته ضرور فتحياب ٿيندو. انهن ائين ڪيو ته نبي ﷺ هنن کي معافي ڏني. ان وقت ابوسفيان عجب ۽ خوشيءَ ڪان ڪي بيت پڙهيا، ۽ دل وجان سان مسلمان ٿيو. نبي ﷺ جي خواهش هئي ته سندن اچڻ جي خبر مڪي وارن کي نه پوي. ٿيو به ائين، جڏهن مڪي جي ٻاهران پهچي تنبو هڻيائون تڏهن هنن کي خبر پئي. ٻئي ڏينهن نبي ﷺ حڪم ڏنو ته فوج مختلف رستن ڪان شهر ۾ داخل ٿئي ۽ هنن حڪمن جي پابندي ڪري:

1) جو شخص هٿيار ڦٽي ڪري تنهن کي قتل نه ڪجو.
2) جو شخص ڪعبي جي اندر پهچي وڃي تنهن کي قتل نه ڪجو.
3) جو شخص گهر ۾ ويهي رهي تنهن کي قتل نه ڪجو.
4) جو شخص ابوسفيان جي گهر ۾ وڃي رهي تنهن کي قتل نه ڪجو.
5) جو شخص حڪيم بن خزام جي گهر وڃي رهي تنهن کي قتل نه ڪجو.
6) ڀڄڻ واري جي ڪڍ نه پئجو.
7) زخميل کي قتل نه ڪجو.
8) قيد ڪيل کي قتل نه ڪجو.

## نبي ﷺ جو ڪعبي ۾ وڃڻ

جيڪي ٽوليون شهر ۾ گهڙيون تن مان فقط خالد بن وليد واريءَ ٽوليءَ کي ٿورو مقابلو ڪرڻو پيو، جنهن ۾ مڪي جي ماڻهن ڀاڄ ڪاڏي. باقي سڀ ٽوليون بنا روڪ جي مڪي جي اندر داخل ٿيون. مقابلو ۾ 2 مسلمان ۽ 28 دشمن قتل ٿيا.

خدا جي رسول ﷺ جنهن وقت (20 رمضان) شهر ۾ داخل ٿيا تنهن وقت سر جهڪائي قرآن مجيد (سورت الفتح) پڙهڻ فرمايائون، ۽ اٺ تي سوار ٿي بيت الله ڏانهن روانا ٿيا. اتي پهچي خدا جي گهر کي بتن کان پاڪ ڪيائون، پوءِ ڪنجي وٺي دروازو کولي هر هڪ ڪنڊ ۾ الله اڪبر جو ترانو لڳايائون، ۽ پوءِ شڪراني جي نماز پڙهندي نهايت عجز ۽ نياز سان رب جي اڳيان پيشاني خاڪ تي رکي سجدو ڪيائون.

## قريش سردارن کي تقرير

ايتري ۾ مڪي جا سڀ سردار جن ڪئين مسلمان قتل ڪيا هئا، جن سون مسلمانن کي گهر مان ڪڍي ڇڏيو هو، جن مسلمانن کي تباه ڪرڻ لاءِ هر طرح جي ڪوشش ورتي هئي سي سڀ ڪعبي جي ٻاهران اچي گڏ ٿيا هئا. نبي ﷺ نماز کان فارغ ٿي ٻاهر نڪري هن جماعت ڏانهن منهن ڪري فرمايائون ته اي قريش جي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

جماعت! خدا اوهان جي جاهلاڻي تڪبر ۽ وڏن جي بزرگيءَ تي فخر جو هٽ اڄ ڀڃي ڇڏيو. سڀ ماڻهو آدم عليه السلام جو اولاد آهن ۽ آدم عليه السلام مٽيءَ مان ٺاهيو ويو هو. خدا ٿو فرمائي ته انسانو! مون اوهان کي هڪ مرد ۽ عورت مان پيدا ڪيو، ۽ قبيلا رڳو سڃاڻڻ جي لاءِ بنايا ويا آهن، نه ته خدا وٽ ته ان جي عزت زياده آهي جنهن کي تقويٰ (ديانداري) زيادهہ آهي، ۽ پوءِ فرمايائون ته وڃو توهان آزاد آهيو ۽ توهان سان اڄ ڪو مواخذه (تڪرار) ڪونهي.

## نبي ﷺ کي قتل ڪرڻ جي ڪوشش

فتح جي ٻئي ڏينهن جو ذڪر آهي ته نبي ﷺ ڪعبي جو طواف پئي ڪيو، فضالہ بن عمير وجهہ ڏسي حضرت ﷺ کي قتل ڪرڻ جو ارادو ڪيو. جڏهن ويجهو پهتو تڏهن پاڻ فرمايائون ته فضالہ ٿو اچي؟ فضالہ چيو ته هائو. پاڻ پڇيائون ته هينئر ڪهڙو ارادو پئي ڪيئي؟ فضالہ چيو ته ڪجهہ نه مون ته الله الله پئي ڪيو. هي ٻڌي نبي ﷺ کي کل اچي وئي ۽ فرمايائون ته چڱو پنهنجي خدا کان پنهنجي واسطي معافي جي درخواست ڪر. ائين فرمائي هن جي سيني تي به هٿ رکيائون فضالہ جو بيان آهي ته هٿ رکڻ سان منهنجي قلب تي اهڙي فرحت آئي، ۽ حضرت ﷺ جي لاءِ منهنجي دل ۾ ايتري محبت پيدا ٿي، جو حضور کان وڌيڪ ڪوئي به محبوب نه رهيو.

## نبي ﷺ جي ٻاران ڏوهين کي معافي

مڪي جي ڪافرن سان جيڪا نبي ﷺ هلت ڪئي تنهنجو مثال شايد دنيا جي تاريخ ۾ مشڪل ملندو. هڪ مرد ۽ هڪ عورت کان سواءِ سيني کي معافي ڏني ويئي، اگرچہ ڪيترائي شخص اهڙا هئا جن کي قتل ڪرڻ انصاف جو ڪم هو. هبار بن الاسود جنهن سيده زينب (نبي ﷺ جي نياڻي) کي جڏهن هو مڪي کان مديني ڏي پئي وئي نيزو هنيو هو ۽ ڪجاوه ڪيرائي وڌو هو، انهيءَ صدمي کان هن جو ٻار ڪري پيو هو، ۽ آخر انهيءَ صدمي کان هن وفات پاتي هئي. اهڙن ڏوهين کي معافي ڏيڻ نبي الرحمت جوئي ڪم آهي.

## مسلمانن جو پنهنجي ملڪيت تان هٿ ڪڻڻ

جي مهاجر مسلمان مڪي مان نڪري مديني ويا هئا تن جي گهرن تي ڪافرن قبضو ڪيو هو. هاڻي انهن مسلمانن درخواست ڪئي ته اسان جي ملڪيت ۽ گهر موٽي ملن. پاڻ اها درخواست منظور نه فرمايائون. گويا حضرت ﷺ جي مراد اها هئي ته جن شين کي خدا جي واسطي توهان ڇڏي ڏنو ڪيو تن جي موٽي ملڻ جو سوال ڇو ٿا ڪريو. الله اڪبر ! مسلمانن دشمنن جي شهر فتح ڪرڻ وقت دستور موجب لٽ


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

تہ ڪا نہ ڪئي، پر اٽلندو پنهنجي ملڪيت بہ واپس نہ ورتائون.

## اسلام جو وڏيڪ پکڙجڻ

مڪي جي فتح کان پوءِ اسلام قبول ڪرڻ وارن جو تعداد بلڪل گھٽو ٿي ويو. تنهن جا ڪي سبب هي هئا.

1) گھڻا قبيلا قريش سان عهدنامي ۾ ٻڌل هئا. هن کان اڳ اسلام اختيار ڪرڻ عهد شڪني جي برابر هو.

2) قريش جي زور هئڻ ڪري گھڻا ماڻهو مسلمانن سان تعلق ئي ڪو نہ رکندا هئا.

3) گھڻن قبيلن جو ويساهہ هو تہ مسلمان تڏهن سچا سمجھبا جڏهن مڪي تي قبضو ڪندا، ڇو تہ سون سالن کان انهن ۾ قومي روايتون هليون اينديون هيون تہ مڪي تي ڪوئي بہ شخص قبضو ڪري نہ سگھندو سواءِ ان جي جنهن سان پاڻ الله تعاليٰ مددگار هوندو. ڪيترائي پوڙها اجا تائين جيئرا هئا جن حبش جي بادشاهہ جو مڪي تي حملو ڏٺو هو، جنهن جو لشڪر هاٿين سميت خدا تعاليٰ پاڻ پائمال ڪري ڇڏيو هو.

4) هاڻي اسلام جي سمجھائڻ ۽ وعظ ڪرڻ جي مسلمانن تان روڪ لهي ويئي. ٻڌندڙ آزادي ۽ آرام سان وعظ ٻڌڻ لڳا. ۽ اسلام جي ڪشش ماڻهن کي خود بہ خود پاڻ ڏي ڇڪيندي ويئي.

## حنين جي جنگ

مڪي جي فتح ٿيڻ کان پوءِ هوازن ۽ بنوثقيف جي قبيلن خيال ڪيو تہ جي اسان مسلمانن کي شڪست ڏينداسين، تہ مڪي وارن جا باغ ۽ جاگيرون جي طائف ۾ آهن، سي اسان کي هٿ اينديون، ۽ مسلمانن کان بت شڪني جو بدلو بہ ورتو ويندو، تنهنڪري هنن ٻين قبيلن کي بہ پاڻ سان ملائي ڇهہ هزار پهلوان وٺي مڪي تي چڙهائي ڪئي، ۽ حنين جي ماٿريءَ ۾ اچي لٿا. هنن پنهنجون زالون ٻار ۽ مال بہ ساڻ ڪنيو انهي لاءِ تہ هر ڪوئي ثابت قدميءَ سان وڙهي ۽ جنگ ڇڏي پٺي نہ وڃي. اسلامي لشڪر ۾ ٻہ هزار شخص وڌيڪ شامل ٿيا هئا. فوج ۾ مغروري پيدا ٿي، ۽ دور انديشي ڪرڻ ۾ گھٽو قصور ڪيائون. نوجوان مسلمان بي خبريءَ ۾ تيرن جي چوٽن هيٺ اچي ويا. دشمن ايترا تير وسايا جو فوج هٽي پٺڻ لڳي، فقط هڪ سو اصحابي ميدان ۾ وڃي رهيا. حضرت ﷺ لاثاني شجاعت ڏيکاري پاڻ خچر تان لهي فرمايائون تہ مان نبي (ﷺ) آهيان انهيءَ ۾ ذرو بہ شڪ ڪونهي، مان عبدالمطلب جو فرزند آهيان. سندن مطلب اهو هو تہ منهنجي سچائيءَ جي پرک فوج جي شڪست يا فتح ناهي. حضرت عباس رضي الله عنه مهاجرن ۽ انصارن کي سڏڻ شروع ڪيو. هو ڪبوترن


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

وانگر وري پلٽجي پيا. فوج کي وري درست ڪري اڳتي وڌايو ويو. دشمن هن حملي ڪان پنهنجي نڪتو، ۽ ٻه حصا ٿي پيو (1) هنن جو سردار ملڪ بن عرف جنگي مردن کي وٺي طائف جي قلعي ۾ وڃي ويٺو (2) ٻي ٽوليءَ ۾ هن جا ٻار، زالون زر ۽ مال هئا سي اوطاس ۾ وڃي لڪا. نبي ﷺ طائف ڏانهن ابو عامر اشعري کي موڪليائون. ابو عامر اتي پهچي، زالن، ٻارن، زر ۽ مال تي قبضو ڪيو. جڏهن رحمدل نبي ﷺ کي اوطاس جو نتيجو معلوم ٿيو تڏهن گهيري ڇڏڻ جو حڪم ڏنائون. ڇو ته هنن ماڻهن تي زالن ۽ ٻارن جي هٿان وڃڻ جي وڏي مصيبت پئجي چڪي هئي.

### طائف جي سخت دشمن سان رحم جي هلت

نبي ﷺ اڃا جنگ جي ميدان جي ويجهو ئي رهيا پيا هئا ته هوازن جا ڇهه سرادار آيا ۽ رحم جي درخواست پيش ڪيائون. هي اهي شخص هئا، جن طائف ۾ نبي ﷺ تي پٿر وسايا هئا. نبي ﷺ فرمايو ته مان پاڻ توهان لاءِ منتظر هوس ۽ انهيءَ انتظام ۾ ٻه هفتا گذري ويا آهن ته به اڃا غنيمت جو مال به تقسيم نه ڪيو ويو آهي. مان پنهنجي خاندان جي حصي جي قيدين کي آساني سان ڇڏي ٿو سگهان، ۽ جيڪڏهن مون سان رڳو انصار ۽ مهاجر هجن ته سيني قيدين کي ڇڏي ڏيڻ به مشڪل ناهي. مگر توهان ڏسو ٿا ته مون سان اهڙا شخص به آهن جي اڃان مسلمان ڪين ٿيا آهن، تنهنڪري توهان سڀاڻي صبح جي وقت اچو ۽ سيني جي روبرو پنهنجي درخواست پيش ڪريو. ٻئي ڏينهن اهي سردار آيا ۽ عام مجمع ۾ قيدين جي آزاديءَ جي درخواست نبي ﷺ جي خدمت ۾ پيش ڪئي. نبي الرحمت فرمايو ته مان پنهنجي ۽ بنو عبدالمطلب جي قيدين کي عيوض ڪان سواءِ ڇڏيان ٿو انصارن ۽ مهاجرن چيو ته اسان به قيدين کي عيوض وٺڻ کانسواءِ ڇڏيون ٿا. هنن کي عجب تي لڳو ته حملي ڪندڙ دشمن تي ايترو رحم ڪيئن ٿو ڪيو وڃي. هر هڪ قيدي جي قيمت ڇهه اٺ مقرر ڪئي وئي. هيءَ قيمت نبي ﷺ پاڻ ادا ڪئي. اهڙي طرح قيدين کي آزاد ڪرائي پراڻا لباس پهرائي رخصت فرمائي، پوءِ نبي ﷺ غنيمت جو مال وراهيو، ۽ انصارن کي ڪجهه ڪين ڏنائون. فرمايائون ته انصارن سان مان پاڻ آهيان. انصار هن حڪم تي اهڙا خوش ٿيا جو ايتري خوشي مال وارن کي حاصل نه هئي.

## يهودين جون شرارتون

### يهودين جي پهرين شرارت

اسان اڳئي لکي چڪا آهيون ته ڪيئن يهودين جي نبي ﷺ سان دشمني ٿي. آخر هنن اهو فيصلو ڪيو ته محمد رسول الله ﷺ سان به اها ئي هلت ڪجي جيڪا


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

مسيح ؑ سان ڪئي هئائون. بدر جي جنگ وقت هڪ مسلمان عورت يهودين جي محلي ۾ ويئي. ٿورن يهودين هن کي بازار جي وچ ۾ اگهاڙو ڪيو. هڪ مسلمان ان عورت جون رڙيون ٻڌي اتي پهتو، ۽ غصي ۾ اچي فساد انگيز يهوديءَ کي قتل ڪري وڌائين. تنهن تي سڀ يهودي جمع ٿيا، ۽ ان مسلمان کي ماري وڌو. نبي ﷺ دريافت ڪرڻ لاءِ هنن کي ڪوٺايو. هنن عهدنامي جو ڪاغذ ڏياري موڪليو ۽ جنگ لاءِ تيار ٿيا. نبي ﷺ هنن کي اها سزا ڏني ته مدينو ڇڏي وڃي خيبر ۾ رهن.

## ٻي شرارت

هڪڙي ڀيري نبي ﷺ بنو نظير يهودين جي محلي ۾ تشريف وٺي ويا. هنن نبي ﷺ کي هڪ ڀت جي هيٺان وهاريو ۽ تدبير اها ڪيائون ته ابن حجاش وڃي نبي ﷺ تي پٿر ڪيرائي. نبي ﷺ کي زباني حمايت سان هن شرارت جي خبر پئجي وئي ۽ بچي موٽي آيا. بنو نظير کي به اها سزا ڏني وئي ته وڃي خيبر ۾ رهو.

## خندق جي جنگ

يهودين کي خيبر ۾ به آرام نه آيو. عربن جي قبيلن کي پاڻ سان شامل ڪري ڏهن هزارن جو لشڪر وٺي سنه 5 هجري ۾ مديني تي ڪاهيائون. مسلمانن جڏهن اهڙي لشڪر سان مقابلي ڪرڻ جي طاقت پاڻ ۾ نه ڀانئي، تڏهن شهر جي چوڌاري کڏ کوٽيائون. نبي ﷺ پاڻ کڏ کوٽڻ ۾ لڳي ويا، ۽ سيني مبارڪ جا وار مٽيءَ سان لتجي ويا. مسلمان فقط ٽي هزار هئا. بنو قريضه يهودي جيڪي اڃان مديني ۾ هئا، ۽ عهدنامي موجب مسلمانن سان شامل ٿيڻو هون سي هن وقت دشمن سان ملي ويا. تنهنڪري انهن ٽن هزارن مان به هڪڙو حصو شهر جي امن قائم رکڻ لاءِ جدا ڪرڻو پيو. حملي ڪندڙ فوج جو گهيرو ويهن ڏينهن تائين رهيو. ايتري مدت ۾ ڪوئي مورچو وٺي نه سگهيا تنهنڪري نا اميد ٿي رات جي وقت ۾ سامان ڪٽي ويندا رهيا.

## بنو قريضه کي سزا

هن مصيبت کان ڇٽڻ بعد نبي ﷺ بنو قريضه ڏانهن ماٿو موڪليو. هنن قلعي ۾ پناهه وٺي لڙائي جي تياري ڪئي. هيءَ بنو قريضه جي هي پهرين دغا نه هئي، بدر جي جنگ وقت به قريشن کي هٿيارن جي مدد ڏني هئائون. ان وقت رحمدل نبي ﷺ هنن جو قصور معاف ڪيو هو. هاڻي لاچار مسلمانن کي جنگ ڪرڻي پيئي. پنجويهن ڏينهن جي گهيري کان پوءِ بنو قريضه ماندا ٿيا، ۽ سعد بن معاذ کي پاڻ امين واري چيائون ته جيڪو فيصلو هو ڪري سو منظور ٿئي. سعد بن معاذ انهن ڏينهن جي دستور موافق فيصلو ڪيو، جنهن موجب بنو قريضه کي تمام سخت سزا آئي.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

جيڪڏهن يهودي نبي ﷺ تي فيصلو ڇڏين ها تہ جئين ٻين سان رحم جي هلت ٿي، تئين بنو قريظہ بہ اهڙي سخت سزا کان ڇٽي وڃن ها.

حديبيہ جي صلح بعد خيبر جي يهودين جنگ ڪئي حضرت علي رضي الله عنه جي شجاعت سان خيبر جو قلعو فتح ٿيو، ۽ يهودي مطيع ٿيا.

## عيسائين سان جنگيون

عرب جي عيسائي قومن سان نبي ﷺ جو رستو دوستانو رهيو. فقط هڪ عيسائي سردار سان ننڍي جنگ ٿي.

## شام جي عيسائين سان جنگ

موڌ شام جي هڪ ڳوٺ جو نالو آهي. اتي جي سردار نبي ﷺ جي ايلچي حارث کي قتل ڪرايو. ايليچن جي حفاظت لاءِ نبي ﷺ کي جنگ ڪرڻي پئي، ۽ اٽڪل ٽن هزارن جي فوج رواني ڪيائون. اتفاقا شهنشاھ هر قل هن علائقي ۾ آيل هو. دشمن جي فوج هڪ لک تائين وڃي ويئي. مسلمانن کي لاچار وڙهڻو پيو. زيد، جعفر طيار ۽ عبدالله بن رواحہ هڪ ٻئي پٺيان لشڪر جا سپہ سالار ٿي شهيد ٿيا. پوءِ خالد بن وليد فوج کي سنڀاليو ۽ ڏيڍ ڏينهن جي سخت جنگ کان پوءِ چاليهوٽي فوج کي بچائي ڪڍيو. هن جنگ ۾ نؤ تلوارون حضرت خالد جي هٿ ۾ دشمنن کي ماريندي ڀڳيون. نبي ﷺ مديني ۾ انهن ئي ڏينهن سڄو جنگ جو بيان صحابين کي ٻڌايو. هن جنگ کان پوءِ خالد کي سيف الله (لله جي تلوار) جو خطاب مليو. هڪ قافلو شام کان آيو جنهن ظاهر ڪيو تہ قيصر جون فوجون مديني تي حملہ ڪرڻ لاءِ تيار پيون ٿين. نبي ﷺ خيال ڪيو تہ حملي ڪندڙن جو مقابلو عرب جي سرزمين ۾ گهڙڻ کان اڳ ئي ڪرڻ گهرجي تہ ملڪ جي امن ۾ خلل نہ پوي. هي مقابلو اهڙي سلطنت سان هو جا اڌ دنيا تي حڪمران هئي، ۽ تازو ايران جي سلطنت کي سخت شڪست ڏني هئائين.

## شام جي حملي کي روڪڻ لاءِ تبوڪ ڏانهن سفر

مسلمانن کي هٿيار ۽ سامان بلڪل ڪو نہ هئا، سفر دوريءَ وارو هو ۽ گرمي سخت هئي. نبي ﷺ سامان جي تياري واسطي چندي جي فهرست ڪولي. مسلمانن نهايت ڪشادي دل سان چندو ڏنو ۽ وڙهڻ لاءِ تيار ٿيا. عبدالله بن ابي سلول مشهور منافق ٻين منافقن کي تسلي ڏني تہ هاڻي نبي ﷺ ۽ هن جا ساٿي مديني ڪين موٽندا. قيصر هنن کي قيد ڪري مختلف ملڪن ڏي موڪلي ڇڏيندو. خدا جو نبي ﷺ ٽيهن هزارن جي فوج سان تبوڪ ڏانهن روانا ٿيو. لشڪر ۾ سواري تمام ٿوري


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

هئي. واٽ تي پاڻي ۽ کاڌي جي تڪليف تمام سخت ٿي هئي. تڏهن به صبر ۽ استقلال سان تبوڪ وڃي پهتا. اتي پهچي هڪ مهيني تائين رهيا. شام جي ماڻهن تي نبي ﷺ جي دليري جو ايترو اثر ٿيو، جو هنن حملي جو خيال لاهي ڇڏيو، ۽ خيال ڪيائون ته نبي ﷺ جي وفات کان پوءِ حملي ڪرڻ جو بهتر موقعو ملندو. تنهنڪري نبي ﷺ به حملو ڪرڻ مناسب نه سمجهيو، سيئي صحيح سلامت مديني واپس آيا.

## جنگين جو خاتمو

الحمد الله ! جو سيني دشمنن جي شر ۽ فساد جو نيٺ خاتمو ٿيو، ۽ نبي ﷺ لاثاني رحمدلي سان سيني کي معافي ڏني. هنن سيني جنگين ۾ نبي ﷺ ۽ مسلمانن کي لاچار وڙهڻو پيو. ڪڏهن به مسلمانن پاڻ ڪڏي جنگ ڪا نه ڪئي. سڀ جنگيون حملن روڪڻ ۽ جان بچائڻ لاءِ ڪيون ويون. نبوت جي زماني ۾ هڪ شخص به انهي لاءِ قتل ڪو نه ٿيو ته هو بت پرست يا پارسي يا يهودي هو يا عيسائي هو. قرآن مجيد ۾ خدا تعاليٰ هن مطلب کي صاف ۽ چٽو بيان ڪيو آهي. قرآن شريف ۾ آهي لا اڪراه في الدين يعني دين جي معاملي ۾ ڪنهن تي زور ڪونهي.

## بادشاهن ڏانهن اسلام جي دعوت موڪلڻ

نبي ﷺ کي خدا جي حڪم موجب اسلام سڄيءَ دنيا جي اڳيان پيش ڪرڻو هو. تنهنڪري جلد ئي سيني ملڪن ڏانهن قاصد ۽ خط اسلام جي دعوت ڏيڻ لاءِ موڪليائون. خطن ۾ حاڪمن ۽ بادشاهن ڏانهن لکيو ويو ته توهان پنهنجي ملڪ جا سردار آهيو، جيڪڏهن اوهان اسلام رد ڪندو ته اوهان جي ماڻهن جي گمراهيءَ جو بار به اوهان جي سر تي پوندو.

جيڪي خط نبي ﷺ لکيا سي اجا تائين موجود آهن مگر هن ننڍڙي ڪتاب ۾ هي خط نه ٿا ڏيئي سگهجن. حبش جو بادشاه نجاشي عيسائي هو. نبي ﷺ جي مبارڪ خط جي پڙهڻ بعد هو مسلمان ٿيو.

منذر بن سادي بحرين جو بادشاه هو، ايران جي شهنشاه کي خراج ڏيندڙ هو. نبي ﷺ جي خط پهچڻ شرط مسلمان ٿيو ۽ هن جي رعيت جو به گهڻو حصو مسلمان ٿيو. عمرو بن عاص عمان جي بادشاه ڏي خط ڪڻي ويو. هو ۽ هن جو ڀاءُ مسلمان ٿيا ۽ رعيت جو به وڏو حصو مسلمان ٿيو.

جيع بن متي، (لقب مقوقس) مصر ۽ سڪندريه جو شاه عيسائي هو. بادشاه چيو ته اسان کي پنهنجو مذهب آهي. اسان ان کي ترڪ نه ڪنداسين جيستائين ڪو ٻيو بهتر دين نه ملندو. ايلچيءَ جواب چيو ته مان توهان کي اسلام جي دعوت ٿو ڏيان


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

جو سيني مذهبن جي ماڻهن لاءِ ڪامل مذهب آهي. ڪجهه بحث ڪان پوءِ مقوقس چيو ته مون هن ڳالهه جو غور ڪيو آهي اجان مون ڪي اسلام آڻڻ جي رغبت ڪا نه ٿي ٿئي، اگرچه هو ڪنهن به وڻندڙ شيءِ ڪان ڪو نه ٿو روڪي. مان ڄاڻان ٿو ته محمدﷺ نه نقصان پهچائيندڙ جادوگر آهي نه ڪوڙو ڪاهن آهي، ۽ هن ۾ نبوت جي ئي علامت ٿي ڏسجي. مان هن ڳالهه جو وڌيڪ ويچار ڪندس. پوءِ خط کي هاٿي جي ڏندن جي دٻي ۾ رکي مهر هڻي خزاني ۾ رکرايائين، ۽ نبي ﷺ ڏي هڪ خط تحفن سميت موڪليائين. دلدل مشهور خچر به هن ڏياري موڪليو هو.

## روم جي قيصر ڏانهن خط

هر قل قسطنطنيه جو شاهه، روم جي بادشاهت جو نامور شهنشاهه هو ۽ عيسائي هو. نبي ﷺ جو ايلچي خط مبارڪ هن کي بيت المقدس ۾ وڃي ڏنو. هر قل ايلچيءَ جي شان لاءِ هڪ وڏي دربار ڪئي، ۽ ڪائنس نبي ﷺ به نسبت گهڻيون ڳالهيون پڇيون. تنهن ڪان پوءِ وڌيڪ تحقيقات واسطي حڪم ڪيائين ته ملڪ ۾ ڪو مڪي جو شخص آيل هجي ته پيش ڪيو وڃي. اتفاق سان ابوسفيان ٻين مڪي جي سوداگرن سان گڏ شام ۾ آيل هو. هن کي دربار ۾ آندائون قيصر هن جي ساٿين کي چيو ته مان ابوسفيان ڪان سوال ٿو پڇان. جيڪڏهن هو غلط جواب ڏي ته ٻڌائجو. ابوسفيان انهن ڏينهن ۾ نبي ﷺ جو جاني دشمن هو. هن جو پنهنجو بيان آهي ته مون کي اهو ڊپ نه هجي ها ته منهنجا ساٿي منهنجو ڪوڙ ظاهر ڪندا ته گهڻيون ڳالهيون ڪوڙيون ٺاهيان ها، مگر هن وقت قيصر جي اڳيان سچ ڳالهائڻو پيو. سوال ۽ جواب هي آهن:

قيصر : محمد ﷺ جو خاندان ۽ نسب ڪهڙو آهي؟

ابوسفيان: شريف ۽ عظيم.

هي جواب ٻڌي هرقل چيو ته سچ آهي ته نبي شريف گهراڻي مان ٿا ٿين، انهيءَ ڪري ته انهن جي فرمانبرداري ڪرڻ ۾ ڪنهن کي مار (شرم) نه ٿئي.

قيصر : محمد ﷺ کان اڳي به ڪنهن عرب ۾ يا قريش ۾ نبوت جي دعويٰ ڪئي آهي؟

ابوسفيان: نه .

هي جواب ٻڌي هرقل چيو ته ائين هجي ها ته مان سمجهان ها ته اڳين جي ريس ٿو ڪري.

قيصر: نبي ٿيڻ کان اڳي ڪڏهن هي شخص ڪوڙ ڳالهائيندو هو يا ڪوڙ ڳالهائڻ جي تهمت مٿس آئي يا نه؟

ابوسفيان: نه

هرقل جواب تي چيو ته ائين ٿيڻو ئي ناهي ته جنهن شخص ماڻهن تي ڪوڙ نه


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ٿاهيو سو الله تعاليٰ تي ڪوڙ ٻڌي.
قيصر : هنجي پيءُ ڏاڏن ۾ ڪو شخص بادشاهہ ٿيو آهي؟
ابوسفيان: نہ.
هرقل هن جواب تي چيو تہ جيڪڏهن ائين هجي ها تہ مان سمجهان ها تہ نبوت جي بهاني سان پي ڏاڏي جي سلطنت حاصل ڪرڻ جو خيال اٿس.
قيصر : محمد ﷺ ڪي مڃڻ وارن ۾ مسڪين عرب ماڻهو زياده آهن يا سردار يا زور وارا گهڻا آهن؟
ابوسفيان :مسڪين ۽ حقير ماڻهو.
هرقل هي جواب ٻڌي چيو تہ هر هڪ نبي ڪي پهريائين مڃڻ وارا هميشہ مسڪين ۽ غريب ماڻهو پي ٿيا آهن.
قيصر : هنن ماڻهن جو تعداد روز بروز وڌي ٿو يا گهٽجي ٿو؟
ابوسفيان :وڌي ٿو.
هرقل چيو تہ ايمان جي اها خصوصيت آهي جو آهستہ آهستہ پيو وڌي ۽ وڃي ڪماليت کي پهچي.
قيصر : ڪوئي شخص هن جي دين کان بيزار ٿي وري ڦري وڃي ٿو يا نہ؟
ابوسفيان :نہ.
هرقل چيو تہ ايمان جي لذت جو اهو ئي تاثير آهي جو جڏهن دل ۾ ويهي ٿو وڃي ۽ روح تي پنهنجو اثر قائم ٿو ڪري تڏهن جدا نٿو ٿئي.
قيصر : هي شخص ڪڏهن وعدو يا عهدنامو ٽيجي ٿو؟
ابوسفيان : نہ، باقي هن سال اسان جو هن سان عهدنامو ٿيو آهي، ڏسجي تہ ڇا ٿو ٿئي.
ابوسفيان ٿو چوي تہ مان فقط هن جواب ۾ ايترو جملو وڌيڪ وجهي سگهيس، مگر قيصر ان تي ڪو ڌيان ڪو نہ ڏنو ۽ چيائين تہ نبي عهد شڪن ڪين ٿيندا آهن. عهد شڪني دنيا وارا ماڻهو ڪندا آهن نبي دنيا جا طالب ڪين آهن.
قيصر: ڪڏهن هن شخص سان اوهان جي لڙائي بہ ٿي آهي؟
ابوسفيان: هائو.
قيصر: جنگ جو نتيجو ڇا ٿيو؟
ابوسفيان: ڪڏهن هو غالب پيو ڪڏهن اسان.
هرقل چيو تہ خدا جي نبين جو اهو ئي حال ٿيندو آهي پر آخرڪار خدا جي مدد ۽ فتح انهن کي ئي حاصل ٿي ٿئي.
قيصر: هن جي تعليم ڪهڙي آهي؟
ابوسفيان: هڪ خدا جي عبادت ڪريو، پي ڏاڏي جو طريقو (بت پرستي) ڇڏي ڏيو،


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

نماز، روزو، سچائي، پاڪدامني، مائٽن لاءِ خاص شفقت انهن حڪمن جي پابندي اختيار ڪريو.

هرقل چيو تہ جنهن نبي جي اچڻ جو وعدو ٿيل آهي تنهن جون نشانيون اسان کي اهي ئي ٻڌايل آهن. مون سمجهيو ٿي تہ نبي پيدا ٿيڻو آهي. مگر ائين نہ ٿي ڄاتم تہ عربن مان پيدا ٿيندو.

ابوسفيان ! جيڪڏهن تو سچا پچا جواب ڏنا آهن تہ هو هن جاءِ تي جتي مان ويٺو آهيان ضرور قبضو ڪندو شال مان سندس خدمت ۾ پهچان ۽ نبي ﷺ جا پير ڌوئان.

تنهن کان پوءِ خط مبارڪ پڙهيو ويو. درٻار جي اميرن دانهون ڪوڪون ڪيون ۽ مون کي درٻار مان ڪڍي ڇڏيائون. منهنجي دل ۾ انهيءَ ڏينهن کان پنهنجي ذلت جو نقش ۽ حضرت ﷺ جي آئينده عظمت جو يقين ٿي ويو.

## ايران جي ڪسريٰ ڏانهن خط

خسرو پرويز ايران جو ڪسريٰ مشرقي دنيا جي اڌ جو شهنشاهہ هو ۽ پارسي مذهب هوس. هن خط مبارڪ کي غصي ۾ چاڪ ڪري ڇڏيو، ۽ چيائين تہ منهنجي رعيت جو هڪڙو گهٽ درجي جو ماڻهو مون ڏي تو خط لکي ۽ پنهنجو نالو منهنجي نالي کان اڳ ۾ تو لکي ! تنهن کان پوءِ خسرو بازان کي جو يمن ۾ سندس وائسراءِ هو حڪم لکيو تہ هن شخص کي (نبي ﷺ) گرفتار ڪري مون ڏي روانو ڪريو.

طائف جي ماڻهن ڏاڍي خوشي ڪئي تہ هاڻي محمد ﷺ ضرور تباهہ ٿيندو ڇو تہ شهنشاهہ ڪسريٰ هن کي گستاخي جي سزا ڏيڻ جو حڪم ڏنو آهي. جڏهن هي آفيسر نبي ﷺ جي خدمت ۾ حاضر ٿيو تڏهن نبي ﷺ فرمايو تہ سڀاڻي وري حاضر ٿجانءِ. ٻئي ڏينهن نبي ﷺ فرمايو تہ اڄ رات تنهنجي بادشاهہ کي خدا هلاڪ ڪري ڇڏيو: وڃ وڃي تحقيقات ڪر. آفيسر هي خبر ٻڌي يمن ڏانهن موٽي ويو. اتي وائسراءِ وٽ سرڪاري اطلاع اچي چڪو هو، تہ خسرو کي سندس پٽ قتل ڪري وڌو آهي، تخت جو مالڪ شيرو بہ آهي جو پيءُ جو قاتل هو.

هاڻي باذان نبي ﷺ جي عادتن، اخلاقن، تعليم ۽ هدايت جي پوري تحقيقات ڪئي، ۽ تحقيقات بعد مسلمان ٿيو، درٻار ۽ ملڪ جو گهڻو حصو بہ مسلمان ٿيا.

جو ايلچي نبي ﷺ موڪليو هو تنهن موٽي اچي عرض ڪيو تہ ايران جي شاهہ خط کي چاڪ ڪري ڇڏيو. ان وقت نبي ﷺ فرمايو تہ هن پنهنجي ملڪ کي چاڪ ڪري ڇڏيو. ٿيو بہ ائين ٿوري وقت کان پوءِ ايران جي سلطنت مسلمانن جي هٿ ۾ آئي ۽ جنهن قوم چار پنج هزار ورهيہ اڌ دنيا تي بادشاهت ڪئي تنهنجو نالو نشان بہ مٽجي ويو.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

فرده بن عمرو خزاعي قيصر جي طرفان شام جو گورنر هو. جڏهن هو مسلمان ٿيو تڏهن قيصر کيس گهرائي چيو ته اسلام ڇڏي ڏي. فرده انڪار ڪيو. قيصر هن کي قيد ڪيو ۽ پوءِ قتل ڪيو. خدا جي پياري بندي دولت، حڪومت، عزت ۽ جان سڀ شيون ڦٽي ڪيون، مگر اسلام نه ڇڏيائين.

ذي الڪلاع حميري يمن ۾ طائف جو حاڪم هو. هو پاڻ کي خدا ڪوٺائيندو هو، ۽ ماڻهن کي پنهنجي اڳيان سجدو ڪرائيندو هو. مسلمان ٿيڻ کان پوءِ هڪ ڏينهن ۾ ارڙهن هزار ٻانها آزاد ڪيائين، عمر رضي الله عنه، فاروق جي عهد ۾ سلطنت ڇڏي مديني ۾ اچي رهيو ۽ عبادت ۾ زندگي گذارڻ لڳو.

## وفدن (ڊيپوٽيشن) جو اچڻ

نبي ﷺ جي مشهور ٿيڻ کان پوءِ عرب ملڪ جي هر ڪنهن پاڳي مان هر ڪنهن قبيلي جا مکيه ماڻهو نبي ﷺ وٽ دين بہ نسبت گفتگو ڪرڻ ۽ عهدنامي لاءِ اچڻ لڳا – گهڻو ڪري سيني کي اسلام سچو نظر آيو ۽ پنهنجي ملڪ ۾ موٽڻ بعد پنهنجن ماڻهن کي بہ اسلام تي آندائون. انهن وفدن جو بيان ۽ دين بابت گفتگو هن ننڍڙي ڪتاب ۾ ڏيڻ محال آهي مگر ڪي مکيہ ڳالهيون هت لکجن ٿيون.

## محارب جو وفد

محارب جي وفد ۾ هڪڙو شخص هو جنهن کي نبي ﷺ سڃاتو، ۽ فرمايائون ته مون توکي اڳي بہ ڏٺو آهي. هن شخص چيو ته هائو حضور ﷺ مون کي ڏٺو بہ هو ۽ مون سان ڳالهايو بہ هو. ۽ مون بلڪل خراب لفظن ۾ حضور کي جواب ڏنا هئا، ۽ تمام خراب طرح سان حضور جي ڪلام جو رد ڪيو هيم هي عڪاظ جي بازار جو ذڪر آهي جتي حضور جن ماڻهن کي سمجهائيندا پيا وتيا.

پوءِ هن شخص عرض ڪيو ته يا رسول الله! منهنجي پهرين حالت جي معافيءَ واسطي دعا فرمايو. رسول الله فرمايو ته اسلام انهن سيني ڳالهين کي ميٽي ٿو ڇڏي جي ڪفر ۾ ٿيون هجن.

عامد جي وفد ۾ ڏهه شخص هئا. هو هڪڙي ڇوڪري کي سامان تي وهاري نبي ﷺ وٽ حاضر ٿيا. نبي ﷺ پڇيو ته سامان تي ڪنهن کي وهاري آيا آهيو. هنن جواب ڏنو ته هڪڙي ڇوڪر کي. پاڻ فرمايائون ته توهان کان پوءِ هو سمهي پيو، هڪڙو شخص آيو، خرزين چورائي ڪٽي ويو. هڪ شخص چيو ته خرزين ته منهنجي هئي. پاڻ فرمايائون ته هائو گهٻراءِ نه، هو ڇوڪر اٿيو، چور جي پٺيان پيو، هن کي وڃي پڪڙيائين، ۽ سڀ اسباب صحيح سلامت ملي ويو. جڏهن هي ماڻهو موٽي ويا تڏهن ڇوڪرن کان معلوم ٿين ته سچ پچ اهو واقعو ٿي گذريو هو. هي ماڻهو انهيءَ


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

تي ئي مسلمان ٿي پيا.

## نجران جا عيسائي

نجران جي عيسائين جو وفد حاضر ٿيو. هو مسلمان به ٿيا. هنن سان عهدنامون ٿيو جنهن موجب هنن جزيه ڀرڻ قبول ڪيو، ۽ ان جي عيوض هنن کي هي سند ملي. نجران وارن کي خدا ۽ محمد رسول الله ﷺ جي حفاظت حاصل ٿيندي. جان مذهب زمين ۽ ملڪيت جي متعلق سيني کي جي حاضر آهن يا غير حاضر آهن قبيلن جا صاحب آهن يا تابعدار آهن سيني جي حالت ۾ يا حقن ۾ ڦير گهير نه ڪبي، ۽ جو ڪجهه گهٽ يا وڌ انهن جي قبضي ۾ آهي سو بدلايو نه ويندو. گذريل زماني جا خون ۽ جهڳڙا معاف اٿن. هنن کي بيگر ۾ نه وهائبو هنن کان پيداش جو ڏهون حصو نه ورتو ويندو ۽ هنن جي علائقي مان فوج نه لنگهائبي. هڪڙو عيسائي راهب (درويش) هن وفد جي موٽي اچڻ جي خبر ٻڌي سچي حقيقت معلوم ڪري نبي ﷺ جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ اسلام اختيار ڪيائين.

## آل عمران

هن کان پوءِ اسقف ابو الحارث عيسائي جيڪو گرجا (مندر) جو امام هو ۽ جنهن جي عزت قسطنطيه جي بادشاهه وٽ تمام گهڻي هئي، سو ان علائقي جي جج ۽ گورنر ۽ ٻين سردارن سان گڏ نبي ﷺ جي خدمت ۾ پهتو. نبي ﷺ هنن کي مسجد ۾ عبادت ڪرڻ جي اجازت ڏني. هنن اڀرندي طرف منهن ڪري عبادت ڪئي. بحث واسطي ڪيترا يهودي به اچي گڏ ٿيا. هڪڙي پيري يهودين ٻنهي مسلمانن ۽ عيسائن تي اعتراض ڪرڻ جي غرض سان چيو ته محمد صاحب اوهان جي اها مرضي آهي ڇا ته اسان توهان جي عبادت ڪريون جيئن عيسائي عيسىٰ عليه السلام جي عبادت ڪندا آهن؟ نبي ﷺ فرمايو ته الله جي پناه ! جو مان الله کان سواءِ ڪنهن ٻئي جي عبادت ڪريان يا ڪنهن ٻئي کي غير الله جي عبادت جو حڪم ڏيان. خدا مون کي انهي ڪم واسطي نه موڪليو آهي، نڪي مون کي اهڙو حڪم ڏنو اٿس. جڏهن اهي عيسائي موٽڻ لڳا تڏهن هنن نبي ﷺ کان هڪ سند ساڳي قسم جي حاصل ڪئي، مگر هن ۾ مندرن ۽ پادرين حفاظت جو وعدو وڌيڪ چٽائي سان بيان ٿيل هو. نبي ﷺ ابو عبيده کي هنن سان گڏ جزيو اڳاڙڻ واسطي موڪليو. هن جي فيض واريءَ صحبت کان ان علائقي ۾ اسلام گهڻو پکڙيو.

## ڪي ٿورا واقعا

هن ڪتاب لکڻ ۾ جنگين جو ذڪر لکڻ وقت ٻيا واقعا لکڻ ۾ نه آيا انهي ڪري


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

تہ متان ان ذکر سمجھڻ ۾ مشڪلات پوي. تنھنڪري ھن باب ۾ ڪي رھيل ٿورا مکيہ واقعا لکجن ٿا.

## حضرت عبداللهؓ (يھودي) جو مسلمان ٿيڻ

حضرت عبدالله يھودين جيڪو وڏن فاضل شخصن مان ھڪڙو ھو، ھن جو نسب يوسف عليہ السلام سان ٿي مليو. ھن نبي ﷺ کي وعظ ڪندي ڏٺو ۽ ھيٺيان نبي ﷺ جا الفاظ ياد ڪري ڇڏيائين. انسانو! پنھنجي پرائي کي سلام ڪندا ڪريو، ماني ڪارائيندا ڪريو، مائٽن سان چڱي ھلت رکو ۽ رات جي وقت جڏھن ماڻھو سمھي رھن تڏھن توھان خدا جي عبادت ڪندا ڪريو. ھي لفظ ٻڌي ھن جي دل ايمان سان روشن ٿي. نبي ﷺ جي خدمت ۾ اچي ڏکين مسئلن بابت گفتگو ڪيائين، ۽ تسلي جھڙا جواب ٻڌي مسلمان ٿيو. پوءِ ھن عرض ڪيو تہ منھنجن ماڻھن کان منھنجي بہ نسبت راءِ پڇو. نبي ﷺ يھودين کي گھرايو عبدالله لڪي ويٺو. سڀني يھودين چيو تہ ھو عالم سيد بن سيد آھي، ۽ اسان سڀني کان بھتر آھي. يھودين ائين چيو ئي مس تہ حضرت عبدالله ھڪدم ٻاھر نڪري ڪلمون پڙھندي سامھون اچي بيٺو. جڏھن ھنن ڏٺو تہ ھي مسلمان ٿيو آھي تڏھن چوڻ لڳا تہ ھو جاھل بن جاھل ذليل آھي، ۽ اسان سڀني کان خراب آھي. خداوند ڪريم ھن بزرگ صحابي کي اسلام تي آڻي سڀني يھودين لاءِ پنھنجي حجت ختم فرمائي.

## ابوقيس (عيسائي) جو مسلمان ٿيڻ

حضرت عبدالله کان پوءِ ابوقيس سرمہ بن ابي انس بہ اسلام قبول ڪيو. ھو عيسائي راھب (درويش) ھو. نھايت فصيح شاعر، وعظ ڪندڙ ۽ مذھبي علم جو فاضل ھو. ھن بزرگ کي اسلام تي آڻڻ سان خداوند رحيم سڀني نصارن تي حجت ختم فرمائي.

## سلمان پارسي جو مسلمان ٿيڻ

سنہ 2 ھجريءَ ۾ سلمان پارسي مسلمان ٿيو. ھو اصفھان جو ويٺل ھو. ھن جي قديم مذھب ۾ ابلق گھوڙي جي پوڄا ڪئي ويندي ھئي، ھو سچي دين جي تلاش ۾ گھر کان نڪتو، ۽ عرب ملڪ تائين آيو. ڪنھن ھن کي پڪڙي ٻانھو ڪري وڪڻي ڇڏيو. علمي تحقيقات کان پوءِ يھودي مذھب ۾ داخل ٿيو. جنھن يھوديءَ وٽ ٻانھپ ۾ رھندو ھو اھو اڪثر پيدا ٿيڻ واري نبي ﷺ جون وصفون بيان ڪندو ھو. جڏھن حضرت سلمان رضي الله عنہ مديني ۾ نبي ﷺ کي ڏٺو، تڏھن انھن نشانين ۽ آثارن ۽ خبرن مان جي پنھنجي ڌڻيءَ کان ٻڌيون ھيائين، حضرت ﷺ کي سڃاڻي ورتائين ۽ مسلمان ٿيو.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

هن ننڍڙي ڪتاب ۾ اهو بيان نٿو لکي سگهجي ته نماز، روزا، زڪواة، حج، اذان (بانگ) وغيره. ڪڏهن مقرر ٿيا ۽ منجهن ڪهڙا فائدا آهن. مگر شراب بہ نسبت ڪجھ ٿورو بيان هن واسطي ٿو لکجي ته خبر پوي ته مسلمان خدا جي حڪمن جي تعميل ڪئين هڪدم ڪندا هئا.

## شراب جو حرام ٿيڻ

هجرت جي چوٿين سال جي برڪتن مان وڏي برڪت هي آهي ته شراب جي حرام ٿيڻ جو اشتهار ڪيو ويو. حضرت انس جو بيان آهي ته ڪي ماڻهو ابو طلحه جي گهر وينا هئا. مون هنن کي شراب پي پياريو. ايتري ۾ پڙهو اچڻ لڳو ته شراب حرام ٿي ويو. ابو طلحه ٻڌندئي چيو ته جيترو شراب باقي آهي سو ٻاهر اڇلائي ڇڏيو. انهيءَ ڏينهن مديني جي گهٽين ۾ شراب وهي هليو.

## ثمامہ جو مسلمان ٿيڻ

سنہ 5 هجري ۾ نبي ﷺ ڪجھ سوار نجف جي طرف روانا فرمايا. هو موٽڻ وقت ثمامہ بن اثال کي گرفتار ڪري آيا ۽ مسجد جي ٿنڀ سان ٻڌي ڇڏيائونس. نبيﷺ اتي اچي پڇيو ته ثمامہ ڪهڙو حال آهي؟ ثمامہ چيو ته محمد منهنجو حال چڱو آهي، جيڪڏهن توهان منهنجي قتل جو حڪم ڪيو ته اهو حڪم هڪڙي خوني جي حق ۾ بجا آهي. جيڪڏهن توهان انعام فرمائيندو ته هڪ شڪرگذار تي رحمت فرمائيندو، ۽ جيڪڏهن مال جي ضرورت هجيو ته جيترو گهر جيو اوترو ٻڌايو. نبي ﷺ ٻئي ڏينهن بہ ساڳيو سوال ڪيو ۽ ٽئين ڏينهن بہ ساڳيو سوال ڪيو. ثمامہ جواب ساڳيو ئي ڏنو. پاڻ حڪم ڪيائون ته ثمامہ کي ڇوڙي ڇڏيو. ثمامہ آزاد ٿي باغ ۾ ويو. اتي غسل ڪري مسجد ۾ موٽي آيو ۽ اچڻ سان ڪلمو پڙهيائين.

ثمامہ چيو ته يا رسول الله! خدا جو قسم آهي ته سڄي جهان ۾ حضور کان وڌيڪ ڪنهن بہ شخص سان مون کي نفرت نہ هئي، پر هاڻي ته سڄي دنيا ۾ حضور کان وڌيڪ مون کي ڪو پيارو ڪونهي.

## ڪافرن سان رحمدلي

ثمامہ مڪي پهتو ته مڪي جي ڪافرن کي چيائين ته ياد رکجو ته ثمامہ کان هاڻي اوهان کي هڪ داڻو ڪڻڪ جو بہ نہ ايندو، جيستائين نبي ﷺ جي اجازت نہ ملندي. ثمامہ پنهنجي ملڪ ۾ اچڻ شرط مڪي ڏي وڃڻ وارو ان بند ڪيو. ان جي بند ٿيڻ ڪري مڪي جا ماڻهو ڏاڍا تنگ ٿيا. نيٺ هنن لاچار ٿي نبي ﷺ کي استدعا ڪئي نبي ﷺ کي لکيو ته ان دستور موجب وڃڻ ڏيو. ياد رکڻ گهرجي ته انهن ڏينهن ۾


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

مڪي جا ماڻهو نبي ﷺ جا جاني دشمن هئا. هن قصي مان نبي ﷺ جي رحمت ڏسو جو هڪ ته هڪڙي خونيءَ جي جان بخشي فرمايائون، ۽ ٻيو دشمنن ڪافرن ڪي به ان جي تڪليف ڪان ڇڏايائون.

## حديبيه جو صلح

سنه 6 هجري ۾ نبي ﷺ پنهنجو هڪڙو خواب مسلمانن کي ٻڌايو. فرمايائون ته مون ڏٺو ته مان ۽ مسلمان مڪي پهتا آهيون ۽ بيت الله جو طواف پيا ڪريون. هي خواب ٻڌڻ سان وطن جي سڪايل مسلمانن کي تمام گهڻو شوق جاڳيو ۽ نبي ﷺ کي مڪي جي سفر لاءِ سنباريائون. سفر ذوالقعد مهيني ۾ ڪيو ويو جنهن ۾ دستور موجب عرب جنگ ڪين ڪندا هئا. مسلمانن جنگ جو سامان پاڻ سان ڪو نه ڪنيو. جڏهن حديبيه ۾ پهتا، تڏهن عثمان بن عفان کي قريش ڏانهن ايلچي ڪري موڪليائون. هن جي وڃڻ کان پوءِ اسلامي لشڪر ۾ هُلُ اٿيو ته عثمان رضي الله عنه کي قتل ڪري وڌو اٿن، تنهن تي نبي ﷺ بنا هٿيارن ۽ بنا سامان جي لشڪر کان جان قرباني جي بيعت ورتي. بيعت ڪندڙن جو تعداد چوڏهن سو ٿيو. هن بيعت جو حال ٻڌي قريش ڊڄي ويا. عروه بن مسعود جيڪو قريشن جي طرف کان آيو هو تنهن موٽي وڃي قريشن کي چيو ته اي قوم! مان ڪيترائي ڀيرا نجاشي قيصر ۽ ڪسريٰ جي درٻار ۾ ويو آهيان. مگر مون ڪي اهڙو بادشاهه نظر ڪو نه آيو جنهن جي عظمت ان جي درٻارين جي دل ۾ اهڙي هجي جهڙي محمد ﷺ جي سندس ساٿين ۾ آهي. منهنجي راءِ آهي ته هن سان صلح ڪيو. پوءِ نيٺ صلح ٿيو. جنهن جو ڪجهه بيان اڳي به ڏنل آهي. صلح جو هڪڙو شرط هو ته قريش جو ڪو ماڻهو مسلمان ٿي مسلمانن وٽ ويندو ته نبي ﷺ اهو شخص موٽائي ڏيندو. پر جيڪڏهن قريشين وٽ ويندو ته قريش موٽائي نه ڏيندا. اهو شرط ٻڌي سڀ مسلمان جوش ۾ اچي ويا. مگر نبي ﷺ کلي اهو شرط به منظور ڪيو. انهيءَ شرط به نسبت قريش جو خيال هو ته هن شرط کان ڊڄي ڪوئي به شخص آئينده مسلمان نه ٿيندو. پر اجا شرطن تي صحيح ئي ڪا نه ٿي هئي ته سهيل بن عمرو (جنهن مڪي جي ماڻهن جي طرفان صحيح ڪئي) تنهنجو پٽ ابوجندل مسلمان ٿي نبي ﷺ جي خدمت ۾ پهچي ويو. قريش هن جا وار ٻڌي پيرن ۾ زنجير وجهي گهلي وٺي ويا مسلمانن کي جوش ڏاڍو آيو پر نبي ﷺ جو حڪم سمجهي صبر ۾ رهيا.

نبي ﷺ جن حديبيه ۾ ئي رهيل هوا ته اسي ماڻهو تنعيم جبل کان صبح جي وقت، جڏهن مسلمان نماز ۾ مشغول هئا، هن ارادي سان لٿا، ته مسلمانن کي نماز منجهه ئي قتل ڪري ڇڏيون. هي سڀ ماڻهو گرفتار ڪيا ويا ۽ حضرت ﷺ انهن کي رحمدلي ڪري ڇڏي ڏنو.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

عهدنامي جو هڪڙو شرط اهو هو تہ هن سال مسلمان موٽي وڃن، ۽ ٻئي سال ڪين طواف ڪرڻ جي اجازت آهي. تنهنڪري حديبيہ کان سيئي مديني ڏي موٽيا. هن عهدنامي کان پوءِ سورت الفتح جو نزول حديبيہ ۾ ئي ٿيو هو. حضرت عمر پڇيو تہ يا رسول الله اهي عهدنامو اسان جي لاءِ فتح آهي ڇا؟ پاڻ فرمايائون تہ هائو.

ابو جندل کي قريش قيد ۾ بند رکيو هو. هن قيد ۾ ئي سچي دين جي تعليم ڏيڻ شروع ڪئي. جو شخص هن جي نگهباني لاءِ رکيو ويندو هو تنهن کي هو ايمان جي هدايت ڪندو هو. خدا جي قدرت جو ابوجندل پنهنجي سچي دل جي ڪوشش ۾ فتحياب پي ٿيو، ۽ اهو شخص مسلمان پي ٿيو. قريش هن ٻئي مسلمان کي بہ گڏ قيد ڪندا هئا، ۽ ٻئي قيدي گڏجي انهي ئي قيدخاني ۾ اسلام جي تبليغ ڪندا هئا. الغرض ابوجندل جي قيد تي مکي ۾ پهچڻ جو نتيجو اهو ٿيو جو هڪ سال ۾ اٽڪل ٽي سؤ شخصن ايمان آندو. هاڻي قريشن پڇتايو تہ اسان ڇو عهدنامي ۾ ايمان وارن کي موٽائي وٺڻ جو شرط درج ڪرايو، پوءِ ڪي ٿورا شخص ڇونڊي نبي ﷺ جي خدمت ۾ موڪليائون تہ اسان عهدنامي جي هن شرط تان هٿ ٿا کڻون. هنن مسلمانن کي پاڻ وٽ گهرايو. نبي ﷺ عهدنامي جي برخلاف ڪرڻ پسند نہ فرمايو. هاڻي نيٺ مسلمانن سمجهيو تہ جو شرط ظاهرا مشڪل ٿي لڳو سو ڪيتري قدر مفيد ثابت ٿيو. هاڻي مسلمانن سمجهيو تہ ڇو اگرچہ نبي ﷺ مسلمانن کي انهيءَ شرط جي برخلاف ڏٺو تہ بہ ڪلي منظور ڪيو هئائون. حضرت عمر نئي سمجهيو تہ اهو عهدنامو سچ پچ مسلمانن لاءِ فتح هو، هاڻي اها ڳالهہ بہ ثابت ٿي.

## اسلام جو واڌارو

هر ڪوئي شخص جنهن کي سر ۾ دماغ آهي ۽ دماغ ۾ فهم آهي سو ابو جندل جي قصي مان سمجهي ويندو تہ اسلام جي صداقت ڪهڙي الاهي طاقت سان پي پکڙي، ۽ ڪهڙي طرح حق جي طالبن جي دل تي قبضو پي ڪيائين جو وطن جي دوري، مائٽن کان جدائي، قيد، ذلت، بک، اڃ، خوف، طمع، ترار، قاسي مطلب تہ دنيا جي ڪائي شيءِ ۽ ڪوئي جذبو هنن کي اسلام کان روڪي نہ ٿي سگهيو. هن حديبيہ جي صلح جو حقيقي فائدو هي ٿيو جو ٻنهي طرفن کان آمدرفت جي روڪ لهي ويئي، ۽ ماڻهو مسلمانن سان ملي ٿي سگهيا. تنهنڪري اسلام جي حقيقت سمجهائڻ لاءِ وڏيڪ وجهہ مليا. انهي ڪري جيترا ماڻهو هن سال مسلمان ٿيا ايترا اڳي ڪنهن بہ سال ۾ نہ ٿيا هئا.

## نبي ﷺ جو حج

سنہ 7 هجري ۾ صلح جي شرط موجب نبي ﷺ ٻہ هزار صحابي ساڻ ڪري


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

مڪي پهتا. مڪي وارن عهدنامي موجب روڪ ڪانه ڪئي، پر پاڻ گهرن کي قفل هڻي ابوقبيس جبل جي چوٽيءَ تي هليا ويا. اتان مسلمانن جا اعمال ڏسندا رهيا. نبيﷺ جن ٽي ڏينهن مڪي ۾ رهي پوءِ مديني ڏي واپس ٿيا. مڪي جي منڪرن تي مسلمانن جي جوش، عبادت جي سادي طريقي ۽ هنن جي اعليٰ ايمانداري (جو خالي شهر ۾ ڪنهن جو پائي جو نقصان به نه ٿيو) جو عجيب اثر پيو، جنهن سون کي اسلام جي طرف مائل ڪيو.

## ٽن مدبر شخصن جو مسلمان ٿيڻ

انهن ايمان آڻڻ وارن ۾ هڪڙو خالد بن وليد هو جنهن پوءِ مسليم ڪذاب کي شڪست ڏني ۽ سڄو عراق ۽ اڌ شام فتح ڪئي. اهڙي جاني دشمن ۽ بهادر سپاهي جو خود به خود مسلمان ٿيڻ اسلام جي سچائي جو معجزو آهي. هن وقت عمرو بن عاص به مسلمان ٿيو، اهو ساڳيو عمرو جو اعليٰ قابليت جي ڪري حبش جي بادشاهه ڏانهن ايلچي ڪري موڪليو ويو هو انهي لاءِ ته حبش ڏانهن پڄي ويل مسلمانن کي واپس موٽايو وڃي، سو مسلمان ٿيڻ ڪان پوءِ مصر جو فاتح (فتح ڪندڙ) ٿيو ۽ مصر جي گورنري هلائڻ ۾ نهايت مدبر پالٽيشن ثابت ٿيو. انهن ئي ڏينهن ۾ عثمان بن طلحه به مسلمان ٿيو. هو ڪعبي جو مهتمم ۽ ڪنجي جو مالڪ هو. جڏهن هي ناميارو سردار، جنهن جي شرافت ۽ حسب نسب سڄي ملڪ ۾ مشهور هئي، نبي ﷺ جي خدمت ۾ مديني پهتو تڏهن نبي ﷺ فرمايو، ته اڄ مڪي پنهنجي جگر جو ٽڪر اسان کي ڏنو.

## بني طي جو فساد

سنه 9 هجريءَ ۾ بني طي جي قبيلي بغاوت (فساد) ڪئي. ان وقت انهيءَ علائقي جو حاڪم علي المرتضيٰ هو هن فسادين کي پڪڙي مديني موڪلي ڏنو. انهن قيدين ۾ حاتم طائي مشهور سخيءَ جي ڌي به هئي. هن نبي ﷺ جي خدمت ۾ هئين عرض ڪيو ته مان ترم جي سردار جي ڌيءَ آهيان منهنجو پيءُ رحم ۽ ڪرم ۾ مشهور هو، بکين کي طعام ڏيندو ۽ غريبن تي رحم ڪندو هو. هو مري ويو، پاءُ شڪست ڪائي پڄي ويو، هاڻي توهان مون تي رحم ڪريو. هي ٻڌي نبي ﷺ فرمايو ته تنهنجي پيءُ ۾ مومنن واريون صفتون هيون. پوءِ هن کي ۽ هن جي سهيلين وغيره کي ڇڏي ڏنائون، ۽ مسافريءَ جو سٽمر ۽ لباس به عنايت فرمايائون.

## عدي بن حاتم جو مسلمان ٿيڻ

عدي بن حاتم جو پنهنجو بيان آهي، ته مون کي رسول الله جي نالي تي سخت


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

نفرت هئي، ڇو تہ مان عيسائي هوس، پنهنجي قوم جو سردار هوس ۽ منهنجي قوم غنيمت جو چوٿون حصو مون کي ڏيندي هئي. هن فساد وقت مان شام ڏانهن هليو ويو هوس. منهنجي ڀيڻ نبي ﷺ وٽان آزاد ٿي سڌو مون وٽ شام ۾ آئي. منهنجي ڀيڻ نهايت دانا ۽ عقلمند هئي. مون پڇيس تہ نبي ﷺ بہ نسبت تنهنجي ڪهڙي راءِ آهي. هن جواب ۾ چيو تہ منهنجي راءِ آهي تہ جلد هن وٽ وڃ. مان مديني ويس، ان وقت نبي ﷺ مسجد ۾ هئا. مون وڃي سلام ڪيو. فرمايائون تہ ڪير آهين؟ مون چيو تہ عدي بن حاتم. نبي ﷺ مون کي وٺي گهر ڏانهن هليا. واٽ تي هڪ بلڪل پوڙهي عورت ملي. هن نبي ﷺ کي بيهاريو. پاڻ دير تائين هن وٽ بيٺا رهيا. ۽ هوءَ پنهنجو ڏکهو داستان ٻڌائيندي رهي. مون دل ۾ چيو تہ هي شخص بادشاهہ تہ هرگز ناهي. پوءِ حضرت ﷺ گهر پهتا، ۽ هڪڙو چمڙي جو گاديلو کاٻر سان ڀريل منهنجي اڳيان وڇايائون، ۽ فرمايائون تہ هن تي ويهو. مون چيو تہ نہ حضور جن هن تي ويهن. فرمايائون تہ نہ توهان ئي ويهي رهو. مان گاديلي تي وينس. حضرت ﷺ زمين تي وينا وري بہ منهنجي دل اها شاهدي ڏني تہ هي بادشاهہ هرگز ناهي.

هاڻي نبي ﷺ فرمايو تہ توهان تہ رڪوسي (عيسائن جو هڪڙو فرقو) آهيو؟ مون چيو تہ هائو. فرمايائون تہ پنهنجي قوم کان غنيمت ۽ پيدائش جو چوٿون حصو وٺندا آهيو؟ مون چيو تہ هائو. نبي ﷺ فرمايو تہ ائين ڪرڻ تہ توهان جي دين ۾ جائز ناهي. مون چيو تہ سچ آهي ۽ دل ۾ چيم تہ هي ضرور نبي (ﷺ) آهي سڀ ڪجهہ ٿو ڄاڻي، هن کان ڪجهہ بہ لڪل ڪانهي. پاڻ وري فرمايائون تہ عدي شايد هن دين ۾ داخل ٿيڻ کان هن ڪري ٿو ڇرڪين جو سڀ ماڻهو غريب آهن. خدا جو قسم هنن ۾ ايترو ڏن اچڻو آهي جو ڪوئي شخص ڏن وٺڻ وارو نہ ليندو.

عدي ! هن دين ۾ داخل ٿيڻ کان هن ڪري ٿو ڇرڪين جو اسان تعداد ۾ ٿورا آهيون، ۽ اسان جا دشمن گهڻا آهن. خدا جو قسم اهو وقت ويجهو اچي پيو آهي جڏهن تون ٻڌندين تہ اڪيلي عورت قادسيہ (ايران جو اڳيون تختگاهہ) مان هلندي، ۽ مڪي جو حج ڪندي، ۽ هن کي ڪنهن جو بہ خوف نہ ٿيندو.

عدي ! هن دين ۾ داخل ٿيڻ کان هي ڳالهہ بہ شايد توکي روڪي ٿي تہ حڪومت ۽ سلطنت ٻين قومن جي هٿ ۾ آهي. خدا جو قسم اهو وقت ويجهو آيو آهي جڏهن تون ٻڌندين تہ بابل جو سفيد محل (نوشيران جو درباري ديوانخانہ) مسلمانن جي هٿ ۾ ايندو.

عدي ! ٻڌايو تہ لا الہ الا الله جي چوڻ ۾ توهان کي ڪهڙو انديشو آهي؟ خدا کان سواءِ ڪو ٻيو عبادت جو لائق ٿي سگهي ٿو؟

عدي ! ٻڌايو تہ الله اڪبر جي چوڻ ۾ اوهان کي ڪهڙو عذر آهي الله کان وڏو ڪوئي بہ آهي ڇا؟


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

عدي ٿو چوي ته هن تقرير کان پوءِ مان مسلمان ٿيس منهنجي اسلام آڻڻ بعد نبي ﷺ جي چهري مبارڪ تي خوشي ۽ فرحت ظاهري پئي ڏسڻ ۾ آئي. عدي ٿو چوي ته هن واقعي کي ٻه سال گذريا ۽ ٽيون سال پئي هليو ته مون بابل جي محلات کي فتح ٿيندي به ڏٺو ۽ هڪ پوڙهي عورت کي قادسيه کان مڪي حج لاءِ اڪيلو ايندي به ڏٺو، ۽ مون کي اميد آهي ته ٽين ڳالهه به سچي نڪرندي.

## نبي ﷺ جو آخري حج

سنه 10 هجريءَ ۾ نبي ﷺ حج جو ارادو ڪيو. جڏهن ماڻهن کي خبر پئي تڏهن نبي ﷺ سان گڏ مڪي وڃڻ لاءِ ماڻهن جا انبوه اچي مديني ۾ جمع ٿيا. رستي ۾ به ٽولين جون ٽوليون شامل ٿينديون ويون. مڪي ۾ هڪ لک ۽ چاليهه (يا چوويهه) هزار ماڻهو جمع ٿيا. نبي ﷺ ٽڪريءَ تي چڙهي نهايت موثر خطبو پڙهڻ فرمايو، ۽ شروعات ۾ فرمايائون ته مان خيال ٿو ڪريان ته وري ڪڏهن اهڙي مجلس ۾ مان اوهان کي نه ملندس. (نبي ﷺ کي خبر هئي ته سندس لاڏاڻو ويجهو آيو آهي.) خطبي ۾ تمام چڱيون هدايتون ڏيڻ فرمايائون، ۽ ائين به چيائون ته مان اوهان ۾ اها شيءِ ڇڏي ٿو وڃان جنهن کي جيڪڏهن مضبوط جهليندؤ ته ڪڏهن گمراهه نه ٿيندؤ. اهو اهي قرآن، الله جو ڪتاب. پڻ فرمايائون ته اوهان منجهه هميشه اهڙا ماڻهو هجن جي اسلام جي تعليم ڏيندا رهن. تنهن کان پوءِ ماڻهن کي فرمايائون ته قيامت ڏينهن منهنجي به نسبت اوهان کان پڇيو ويندو. توهان ڇا چوندو؟ سيني چيو ته اسان شاهدي ڏينداسين ته توهان الله جا حڪم اسان کي پهچايا، ۽ رسالت ۽ نبوت جا حق ادا ڪيا.

جڏهن نبي ﷺ خطبي کان فارغ ٿيا تڏهن هن آيت جو نزول ٿيو ته اڄ مون توهان جي دين کي ڪامل ڪيو، ۽ اوهان تي پنهنجي نعمت کي پورو ڪيم، ۽ مون توهان لاءِ دين اسلام پسند فرمايو.

## نبي ﷺ جي رحلت جي ويجهائي

سنه 11 هجري اهو سال آهي جنهن ۾ خدا جي رسول رسالت جي حق ادا ڪرڻ بعد پنهنجي موڪليندڙ ڏانهن موٽڻ فرمايو. انتقال (وفات) کان ڇهه مهينا اڳي اذا جاءَ نصر الله سورت نازل ٿي. هن جي نازل ٿيڻ بعد نبي ﷺ امت کي چئي ڏنو ته مان جلد دنيا مان وڃڻ وارو آهيان. آيت اڪملت لڪم دينڪم جي نازل ٿيڻ کان پوءِ هي مطلب وڌيڪ چٽو ٿيو.

## مسلمانن کي آخري هدايتون

نبي ﷺ رمضان ۾ ڏهن ڏينهن جو اعتڪاف ڪندا هئا، مگر آخري رمضان ۾ 20 ڏينهن جو اعتڪاف ڪيائون، تنهنجو سبب بيبي فاطمه رضي الله عنها کي اهو ٻڌايائون ته


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ پاڳي پائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

منهنجو موت ويجهو آهي. صفر مهيني جي منڍ ۾ خدا جي نبي ﷺ آخرت جي سفر جي تياري بہ ڪئي. هڪ مهينو اڳي مهاجرن ۽ انصار کي گڏ ڪري خطبو پڙهيائون ۽ وصيتون ڪيائون، ۽ مسلمانن کي دعائون ڪيائون. ائين بہ فرمايائون تہ مان انهن فتحن کي ڏسان پيو جيڪي توهان کي حاصل ٿينديون، مون کي اهو انديشو ڪونهي تہ توهان مشرڪ ٿيندو، پر ڊپ هي آهي تہ دنيا جي رغبت ۾ ۽ فتنهي۾ پئجي هلاڪ نہ ٿيو، جيئن اڳيون امتون هلاڪ ٿيون. آخر ۾ فرمايائون تہ سلام توهان تي ۽ انهن سيني تي جي اڄ کان وٺي قيامت تائين اسلام جي وسيلي منهنجي بيعت ۾ داخل ٿيندا.

## تپ جو شروع ٿيڻ

29 صفر سومر جي ڏينهن بيماري شروع ٿي، سخت تپ (بخار) سان مٿي ۾ سور ٿيو. بدن اهڙو گرم هو جو هٿ سهي نٿي سگهيو. نبي ﷺ فرمايو تہ نبين کان وڌيڪ ڪنهن کي تڪليف ڪانہ ٿي ٿئي. تنهنڪري اجر بہ زياده ٿو ٿئي. حضرت ﷺ جڏهن بيمار ٿيندا هئا تڏهن هڪڙي دعا پڙهي پنهنجا هٿ جسم تي ڦيرائيندا هئا. هنن ڏينهن ۾ بيبي عائشہ رضي الله عنها ساڳي دعا پڙهي سندن هٿ تي شوڪاري هٿ ڦيرائڻ تي هئي تہ نبي ﷺ سندس هٿ مبارڪ کي پاڀوهہ مان روڪي ڇڏيو.

## قبرن پوڄڻ جي منع ڪرڻ

وفات کان پنج ڏينهن اڳي فرمايائون تہ اوهان کان اڳي هڪڙي امت ٿي گذري آهي جنهن نبين جي قبرن کي سجدو ٿي ڪيو، اوهان ائين نہ ڪجو. فرمايائون تہ اي خدا منهنجي قبر کي مون کانپوءِ بت نہ بنائجانءِ جنهن جي پوڄا ڪئي وڃي. انهن ڏينهن ۾ ٻن شخصن جي ڪلهن تي ٽيڪ ڏيئي مسجد ۾ آيا ۽ سيني کي ڪوٺي (سڏائي) نصحيتون ڏنائون.

پوءِ فرمايائون تہ ڪنهن شخص جو مون تي حق هجي تہ گهري. هڪڙي شخص چيو تہ مون کان ٽي درم وٺي هڪڙي فقير کي ڏنا هيو، سي اڃا نہ مليا آهن. هي قرض هڪدم ادا ڪيو ويو. پوءِ سيني خدا جي نبي ﷺ کان پنهنجي پنهنجي حق ۾ دعا ۽ برڪت حاصل ڪئي.

## نماز ۽ اصحابين جي محبت

بيماريءَ جي چوڏهن ڏينهن مان يارهن ڏينهن تائين پاڻ نماز پڙهائيندا رهيا. يارهين ڏينهن سومهڻي وقت ٽي دفعا تياري ڪيائون، مگر ٽيئي ڀيرا وضو ڪندي بيهوش ٿي ويا، آخرڪار فرمايائون تہ ابوبڪر رضي الله عنه نماز پڙهائي جڏهن ابوبڪر رسول ﷺ جي مصلي تي وڃي بيٺو تڏهن سندس ۽ اصحابين جي دل اهڙي پرجي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

آئي جو رئڻ لڳا ۽ رئڻ جو آواز نبي ﷺ جي ڪن تائين پهتو. ان وقت طبيعت ڪجھ بهتر هئي، تنهنڪري پاڻ اچي نماز پڙهايائون. نماز بعد فرمايائون تہ مسلمانو! مان توهان کي خدا جي حوالي ٿو ڪريان.

## سخاوت

گهر ۾ جو ڪجھ هو سو خدا جي راهہ ۾ ڏنو ويو. جنهن رات جي صبح جو انتقال ٿيو ان ڏينهن حضرت بيبي عائشہ رضي الله عنها ڏيئي جو تيل اڌارو گهرايو. نبي ﷺ وٽ ايترو سامان بہ ڪونہ هو جو تيل خريد ڪجي. سندن زره مبارڪ بہ اڳيئي ڳھ (گدوي) رکيل هئا.

## آخري نماز

صبح جي وقت رسول ﷺ حجري مبارڪ جو پردو هٽايو جو مسجد جي طرف هو ڏنائون تہ مسلمان صف درست ڪري نماز پيا پڙهن. هن پاڪ نظاري ڏسڻ کان چهري مبارڪ تي خوشي ظاهر هئي. نبي ﷺ وڌي مسجد ۾ ويا ۽ ابوبڪر صديق جي پٺيان نماز پڙهيائون. هن نماز کان پوءِ حضرت ﷺ تي ٻيو فرض جو وقت نہ آيو.

## موڪلاڻي ۽ رحلت

سڪرات جي وقت فاطمہ رضي الله عنها کي پڇاڙي بہ نسبت ڪجھ فرمايائون. فاطمہ رضي الله عنها روئي ويٺي، تڏهن هٿ مبارڪ سان ڳوڙها اگهيائون ۽ فرمايائون تہ نہ روءِ. پوءِ فاطمہ رضي الله عنها جي پٽن حسن رضي الله عنه ۽ حسين رضي الله عنه کي گهرائي ڪين چميون ڏنائون. پوءِ بيبين کي آٽايائون. تنهن کان پوءِ علي مرتضيٰ کي ڪوٺايائون. سر مبارڪ کي هنج ۾ ڪري رکيو. هن وقت بہ ديني هدايتون ۽ نصيحتون پي ڏنائون.

نيٺ 12 ربيع الاول سنہ 11 هجري سومر جي ڏينهن 63 سالن (قمري) ۽ چئن ڏينهن جي ڄمار ۾ منجهند جي وقت جسم پاڪ کان روح انور پرواز ڪيو: انا الله وانا اليہ راجعون. نبي ﷺ جي عزيزن ۽ مائٽن کي سخت افسوس ٿيو ۽ ڳوڙها وهايائون، مگر نبي ﷺ جي حڪم موجب دانهون ۽ واڪا ڪرڻ کان پاڻ کي روڪيائون.

## اصحابين جو احوال

اصحابي وفات جي خبر ٻڌي سراسر حيران ۽ ديوانا ٿي ويا. ڪو جهنگ ۾ نڪري ڀڳو ۽ ڪو ششدر ٿي جتي هو تتي پهچي ويو. عمر فاروق جو اهو حال هو جو هن کي يقين ئي نہ ٿي آيو تہ ڪو خدا جي رسول انتقال فرمايو آهي.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

## تڪفين ۽ تدفين

نبي ﷺ کي ٽن ڪپڙن جو ڪفن ڏنو ويو. پهريائين گهر وارن پوءِ مردن پوءِ عورتن پوءِ ٻارن نماز پڙهي. حجرو مبارڪ سوڙهو هو. تنهنڪري ٿيري ٿيري سان ڏهن ماڻهن ٿي نماز پڙهي تنهنڪري تدفين مبارڪ اربع جي رات عمل ۾ آئي.

## پڇاڙي

نبي ﷺ پنهنجي سڄي حياتي ماڻهن کي سڌارڻ ۾ ۽ اسلام سيکارڻ ۾ گذاري. ڪين دنيا جي ڪنهن بہ عيش عشرت ڪين لالچايو. سڀ ڪجهہ خيرات ۾ ڏيئي ڇڏيندا هئا. تنهنڪري ڪيترائي ڏينهن سندن گهر جي چلهي ۾ باهہ ئي ڪانہ ٻرندي هئي. نبي ﷺ کي بادشاهيءَ جو ذرو بہ خيال نہ هو مگر ڪين ڇئن دشمنن سان وڙهڻو پيو، ۽ ان جو نتيجو ٿيو جو سڄو عرب جو ملڪ پنهنجي هٿ هيٺ اچي ويو ۽ ماڻهو ڪين ايتري قدر مڃيندا هئا جو هو پنهنجي جند سندن مٿان قربان ڪيو ٻيٺا هئا. تنهن هوندي بہ پاڻ نڪا دولت گڏ ڪيائون. نڪي محلاتون اڏايائون، نڪي بادشاهن وانگي عام ماڻهن کي پاڻ وٽ اچڻ ڪان منع فرمايائون.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# علم ۽ ديني علم

حضور اڪرم ﷺ ڪان اڳ عربن جي حالت سچ پچ وحشين جهڙي هئي. ڪنهن جو اٺ پرائي پوک ۾ پوندو هو يا هڪڙو شخص ٻئي ڪان گهوڙو اڳ ۾ ڪندو هو ته اهڙي جنگ مچي ويندي هئي جو هزارين گهر برباد ٿي ويندا هئا. مڪي ۾ قانون ۽ ضابطي نه هئڻ ڪري بدامني تمام گهڻي هوندي هئي، جان ۽ ملڪيت جي سلامتي بلڪل ڪانه هئي. تهذيب جو ته نشان به ڪونه هو، ڌيئرن کي جيئري قبر جي حوالي ڪندا هئا، زنا جائز سمجهندا هئا، رڳو پيءُ جي زالن ڪان به نه ٽرندا هئا. شراب خوري ۾ اهڙا مست ٿي ويندا هئا جو نشي ۾ پنهنجن عزيزن کي به قتل ڪري وجهندا هئا. ڪوڙ ۽ وعده شڪني جو عام رواج هو. دين جي اها حالت هئي جو ڪعبة الله شريف ۾ 360 بت هئا. ازانسواءِ گهر گهر ۾ بت هوندو هو. انهن بتن کي راضي ڪرڻ لاءِ هزارين اٺ ڪهي ڪٽي اجلائيندا هئا جن کي ڪتا ۽ گدڙ پيا کائيندا هئا. ان وقت نه رڳو عرب جو ملڪ پر سڄي دنيا بگڙيل حالت ۾ هئي. اهو زمانو ايام جاهليت ٿو سڏجي نه ايام ڪفر. هن هڪڙي لفظ ۾ وڏو مقصد رکيل آهي. ڪفر جاهليت جو لازمي نتيجو آهي. ڇو ته جاهل ماڻهوءَ کي ڪهڙي خبر ته اسلام ڇا آهي ۽ ڪفر ڇا آهي. هن زماني ۾ اسان رڳو نالي جا مسلمان آهيون، رڳو ڪلمو شريف ٿا پڙهون سو به طوطي وانگر بنا سمجهه جي. جهالت ايتري وڌي وئي آهي جو عام ماڻهو ڪفر جا اعتقاد ٿا رکن، ۽ ڪفر جا ڪم ٿا ڪن. حضرت رسول ﷺ جو قول آهي ته الله تعاليٰ جل شانه جا وڏا دشمن اهي آهن جي پاڻ کي سڏائين مسلمان مگر ڪم ڪن ڪفر جا. هن مان صاف ظاهر آهي ته جاهليت ڪفر جي ويجهو آهي ۽ علم ڪان سواءِ پورو مسلمان ٿيڻ محال آهي.

جڏهن سڄي دنيا جهل ۽ فساد ۾ غرق ٿي وئي تڏهن الله تعاليٰ جي غيرت جو درياءُ جوش ۾ آيو ۽ سندس رحمت نازل ٿي. جهل جي ظلمات کي دور ڪري دنيا کي علم جي نور سان منور ڪرڻ لاءِ اسلام جو آفتاب مڪي معظم ڪان عالمتاب ٿيو. جاهليت هلي ويئي، علم جو دور آيو، عرب پاڻ ۾ پيائر ٿي پيا، محبت ۽ اتفاق پيدا ٿيو. اتفاق ۽ علم جي ڪري مسلمان اندلس (اسپين) ڪان گنگا تائين پکڙجي ويا.


www.sindhsalamat.com



Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

بغداد ۽ بخارا، مصر ۽ ڪارڊووا علم جا مرڪز ٿيا. پهريون پهريون وحي جو حضرت جبرئيل ﷺ آن حضرت ﷺ وٽ آندو سو هيءُ هو:

اِقۡرَاۡ بِاسۡمِ رَبِّكَ الَّذِىۡ خَلَقَ ۚ خَلَقَ الۡاِنۡسَانَ مِنۡ عَلَقٍ ۚ اِقۡرَاۡ وَرَبُّكَ الۡاَكۡرَمُ ۙ الَّذِىۡ عَلَّمَ بِالۡقَلَمِ ۙ عَلَّمَ الۡاِنۡسَانَ مَا لَمۡ يَعۡلَمۡ ؕ

يعني پڙهه پنهنجي رب جي نالي سان جنهن خلق کي خلقيو ۽ انسان کي رت ڦڙي مان ٺاهيو، پڙهه رب تنهنجو ڏاڍو مهربان آهي جنهن قلم جي وسيلي علم سيکاريو ۽ انسان کي اهي ڳالهيون سيکاريائين جن جي خبر ئي ڪانه هيس.

هن مان به صاف ظاهر آهي ته پهريون حڪم خدا تعاليٰ جو اسان جي رسول ﷺ تي جيڪو آيو اهو پڙهڻ جو حڪم هو ۽ اسلام جاهليت کي ڪڍڻ لاءِ ۽ علم سيکارڻ لاءِ آيو. الله تعاليٰ جيڪي نالا پنهنجي ڪلام کي ڏنا آهن سي به علم جي ضرورت ٿا سيکارين "قرآن" جي معنيٰ آهي جيڪي پڙهيو وڃي. "ڪتاب" جي معنيٰ آهي جيڪي لکيو وڃي. ازانسواءِ قرآن شريف ۾ جتي ڪافرن جو ذڪر ڪيل آهي اتي ڪين جاهل سڏيو ويو آهي ۽ چيو ويو آهي ته هو نٿا ڄاڻن. مطلب ته علم کان سواءِ اسلام ڪونهي.

هاڻي هتي حضرت ﷺ جا ڪي ٿورا قول علم بہ نسبت ڏجن ٿا:

1) علم جي طلب ڪريو اگرچ چين ولايت ۾ ملي.

2) عالم جي مس شهيد جي رت کان وڌيڪ پاڪ آهي.

3) جو عالم جي عزت ٿو ڪري سو منهنجي عزت ٿو ڪري.

4) علم جي طلب سڀ ڪنهن مسلمان مرد توڙي عورت تي فرض آهي.

5) جو شخص علم جي شغل ۾ ٿو رهي سو نٿو مري.

6) علم واري جا الفاظ ٻڌڻ ۽ ٻين کي علم جا سبق سيکارڻ عبادت کان بهتر آهي.

7) علم پرايو، علم حق ۽ ناحق جي تميز ڪرڻ سيکاري ٿو ۽ بهشت جو رستو ڏيکاري ٿو، ۽ بيابان ۾ اسان جو دوست آهي ۽ اڪيلائي ۾ سنگتي آهي، بيڪسي ۾ همراه آهي، اسان کي سعادت ڏانهن نئين ٿو. مشڪلاتن ۾ اسان جو ٽنب آهي، دوستن ۾ سينگار آهي، ۽ دشمنن ۾ زره آهي.

اڄ ڪلهه گهڻن چڱن چڱن پڙهيلن جو خيال آهي ته هيءُ سڀ ديني علم واسطي چيل آهي نه دينوي علم واسطي. پر آءُ چوان ٿو ته جيڪڏهن ائين هجي ها ته چٽيءَ طرح علم الدين جو لفظ ڪم آندل هجي ها. لفظ علم جي معنيٰ آهي ڄاڻڻ. جيڪڏهن ڄاڻجي ته 5 ۽ 7 ٿيا ٻارهن سو بہ علم آهي. هي حسابن جو علم آهي جنهن جي دنيا ۾ خواه دين ۾ گهڻي ضرورت آهي. شرعي استفتاءَ ۾ بہ حساب ڪم ٿو اچي.


www.sindhsalamat.com



Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

قرآن پاڪ ۾ ان جي ضرورت سمجهڻ ڏانهن پڻ اشارو ڪيل آهي. جيڪڏهن ڄاڻجي ته مڪو ۽ مدينو يا ٻيا شهر فلاڻي طرف آهن، هيترو پري آهن، فلاڻن فلاڻن رستن سان اوڏاهين وڃي سگهبو ته هي به تمام مفيد علم آهي جنهن کي علم جغرافي ٿو چئجي. اسان جي اڳين مسلمانن جا ان فن ۾ ڪيترا مفيد ڪتاب موجود آهن. جيڪڏهن ڄاڻجي ته حضرت رسول ﷺ جن يا ڪي ٻيا بزرگ شخص فلاڻي وقت ۾ ۽ فلاڻي هنڌ پيدا ٿيا ۽ فلاڻا فلاڻا ڪم ڪيائون ته هي به علم آهي. هن علم کي علم تاريخ ٿو چئجي جنهنجي دين توڙي دنيا ۾ نهايت سخت ضرورت آهي. بلڪ اسان جي اسلام پاڪ جي گهڻي حصي جو مدار فقط تاريخ ئي آهي، جنهن کي عربي ۾ اسماءَ الرجال ڪري سڏجي ٿو، ۽ قرآن شريف ۾ جاءِ بجاءِ تاريخي واقعا بيان ٿيل آهن. علم ۾ ديني خواه دنيوي سڀ علم اچي ٿو وڃي. مگر جيڪڏهن اسان اسلام جي تعليمات تي غور ڪنداسين ته معلوم ٿيندو ته اسلام ۾ دنيا جي سڀني امورن لاءِ هدايتون ڏنل آهن. رڳو تجارت به نسبت به ڪئين حديثون موجود آهن. هر روز نماز بعد به دنيا خواه آخرت جي بهبودي لاءِ دعا گهرندا آهيون. دين اسان کي سيکاري ٿو ته دنيا جا ڪم اسان ڪهڙي طرح ڪريون جو اسان دنيا خواه آخرت جي سعادت حاصل ڪريون. اسلام اسان کي نٿو سيکاري ته دنيا کي ترڪ ڪري فقط نمازون ويهي پڙهو ۽ مراقبي ۾ گذاريو. اسلام رهبانيت (جوڳپڻ) جي سخت منع ٿو ڪري. حديث شريف ۾ آهي ته رات جي وقت عبادت ڪريو ۽ ڏينهن جو وقت ڌنڌن ۾ مصروف ڪريو. ٻي حديث ۾ آهي ته مڙس اهو آهي جو دين دنيا ٻئي هٿ ڪري. اهو ڪهڙو مڙس چئبو جنهن ڇڙو دين کي هٿ ڪيو يا ڇڙي دنيا ڪمايائين. جنهن علم کي اسان جا ڪي پڙهيل دنوي علم ٿا ڪوٺين سو به اسلام اسان تي فرض ڪيو آهي. ڇو ته انهي علم کان سواءِ دنيا جي بهبودي حاصل ڪرڻ محال آهي ۽ دنيا جي بهبودي حاصل ڪرڻ کان سواءِ آخرت جي بهبودي حاصل ڪرڻ محال آهي. شيخ سعدي جو قول آهي پراگنده روزي پراگنده دل جو ماڻهو گذران لاءِ محتاج آهي سو نه ڪي عبادت ڪري ٿو سگهي نڪي سخاوت، اٿلندو گناهن ڪرڻ ۾ مشغول ٿو رهي. مٿي چيو ويو آهي ته دين ۾ دنيا جي سڀني امورن لاءِ هدايتون ڏنل آهن. هاڻي جنهن شخص کي دنيا جو علم ئي نه هوندو سو ڪيئن انهن هدايتن تي عمل ڪري سگهندو. جنهن علم کي ٿورا پڙهيل دنيوي علم ڪري ڪوٺيندا آهن تنهن بابت هو ايترو قبول ڪندا آهن ته هي عقلي علم آهي، پر هو عقل کي شايد غير ضروري ٿا سمجهن. بعضي ته عقل ۽ دين کي هڪ ٻئي جي مخالف ٿا سمجهن. حضرت رسولﷺ فرمايو آهي ته جا شيءِ پهريائين خلقي وئي آهي سا آهي عقل. ائين به فرمايو اٿن ته ڪو شخص نماز ٿو پڙهي، روزا ٿو رکي، زڪواة ٿو ڏئي وغيره، مگر هن کي ثواب رڳو اوتري قدر ملندو جيتري قدر عقل ڪم آندو هوندائين. مطلب ته عقل کان سواءِ نڪا دنيا جي خبر پوندي نڪي دين کي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

سمجهي سگهبو. ۽ سچ پچ ٿيو بہ ائين آهي جو اسان جي ڪيترن علم وارن ماڻهن کي اسلام جي تعليمات جي پوري طرح حقيقت ۽ ان جو پورو اسرار معلوم نہ آهي. ڪي ڪي پراڻي خيال جا ملا اسڪولي علم کي نہ رڳو غير ضروري ٿا سمجهن پر ان جي سخت مخالفت ٿا ڪن، ۽ ماڻهن کي برغلائي اسان جي قوم جي ترقي ٿا روڪين. ڪي مولوي اهڙا بہ ڏٺا ويا آهن جي چون ٿا تہ اسڪولي پڙهيل جو منهن ڏسڻ بہ جائز نہ آهي. خبر نہ آهي تہ اهي ماڻهو سنڌي ٻولي ۾ ڪفر ٿا ڏسن يا حساب ۽ تاريخ جاگرافي ۾ بہ ڪفر ٿا ڏسن. جيڪڏهن سنڌي ٻولي ۾ ڪفر ٿا ڏسن تہ پاڻ بہ سنڌ ۾ سنڌي ٻولي ڳالهائڻ ۽ ٻڌڻ کان حذر ڪن. جيڪڏهن حسابن ۾ ڪفر آهي تہ پاڻ بہ ايترو تہ ڄاڻندا هوندا تہ ٻہ ۽ ٽي ٿيا پنج، اهڙي طرح سان جيڪڏهن تاريخ ۽ جاگرافي ۾ ڪفر آهي تہ بہ انهن جو ڪجهہ نہ ڪجهہ علم ضرور ڪين هوندو. ارمان جي ڳالهہ آهي جو اهڙن ماڻهن اسلام جي تعليمات کي ڪلهن جي پنيان اڇلائي ڇڏيو آهي. رڳو اسلام جي تاريخ جي پوري واقفيت ڪانهين. جڏهن بدر جي جنگ بعد ڪي ڪافر قيدي ٿيا تہ نبي اڪرم ﷺ جن فرمايو تہ جيڪو قيدي ڏهہ مسلمان پڙهائيندو اهو آزاد هوندو.

قرآني تعليمات کي سکڻ ۽ سمجهڻ لاءِ سنڌ ۾ ڪافي ماڻهن ڪم ڪيو آهي. جنهن ۾ مولوي الاهي بخش صاحب رسالا نيڪ صلاح ۽ ضرورت پرده ڇپايا آهن. مرزا قليچ بيگ صاحب سيرة النبي تحفہ النسوان ۽ ٻيا ڪيترا مفيد ڪتاب تصنيف ڪيا آهن. مون پاڻ بہ احاديث نبوي ڇپارايو آهي ۽ ٻيا بہ ديني ڪتاب ڇپارائڻ جو خيال اٿم — ازانسواءِ قرآن شريف جا ترجما ۽ تفسير سنڌي ٻولي ۾ موجود آهن. تنهن ڪري سنڌي پڙهيل ماڻهو بہ قرآن شريف جون هدايتون معلوم ڪري سگهي ٿو.

مون اڳي الحق ۾ مفصل طور لکيو آهي تہ مڪتبن جي تعليم ڪيئن سڌارجي. هتي فقط هيترو وري لکجي ٿو تہ پهريائين ضرور مادري زبان يعني سنڌي ۾ لکڻ پڙهڻ سيکارجي، ۽ ديني احڪام پڻ ننڍي هوندي کان ئي سيکارڻ شروع ڪجن. ٻارن کي ديني تعليم ڏيڻ بنسبت بہ هڪ مفصل مضمون الحق ۾ موڪليل آهي. جڏهن ٻار ٽي چار درجا پڙهي رهن تڏهن هنن کي هڪدم عربي پاڙهڻ شروع ڪجي. جن کي عربي پڙهڻ جي توفيق نہ هجي ۽ مڪتب ڇڏڻ جو خيال هجين تن کي قرآن شريف پاڙهي پوءِ ڇڏڻ گهرجي. ان وقت قرآن شريف پڙهڻ ۾ مهينو بہ ڪين لڳندو، جو تہ فقط جزم شد تنوينون ۽ ڪي ٻہ چار قاعدا سيکاربا تہ پاڻهي قرآن شريف پڙهي ويندا.

اڄ ڪلهہ مڪتبن ۾ ٻہ ورهہ ڪن قرآن پڙهڻ ۾ ٿا لڳن ۽ ست ورهہ ڪن پارسي پڙهڻ ۾ ۽ پوءِ بہ ڪيترائي ورهيہ عربي جي تحصيل ڪرڻ ۾ لڳي ٿا وڃن. عربي جي تعليم وري اهڙي جهوني نموني ۾ ڏني ٿي وڃي جو تحرير خواه تقرير ۾ گهٽي لياقت حاصل ڪانہ ٿي ٿئي. ڪن مولوين جو خيال آهي تہ پارسي پڙهڻ کان سواءِ عربي پڙهڻ محال آهي. مگر ائين نہ آهي جرمني، انگلنڊ خواه پنجاب ۾ پارسي پڙهڻ کان سواءِ


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

عربي تعليم ڏني وڃي ٿي ۽ ٿوريئي وقت ۾ شاگرد عربي زبان ۾ ماهر ٿي ٿا وڃن. ٻولي سيکارڻ جا جهونا نمونا کھڙا آهن ۽ نوان سٺا سولا رستا کھڙا آهن تن جو بيان هت ڏيئي نٿو سگهجي. مگر ايترو لکجي ٿو ته هڪدم سليس ۽ رواج ۾ ايندڙ جملا سيکارڻ گهرجن ۽ رفته رفته ترقي ڪجي جملن سان گڏ عربي زبان جا قواعد پڻ سيکاري ٿا سگهجن. انهيءَ لاءِ لاهور ۾ هڪڙا ڪتاب ڇپيل آهين سي تمام مفيد آهن. اهي ڪتاب آهن عربي کي پهلي ڪتاب، دوسري تيسري ڪتاب وغيره ۽ عربي کي قواعد حصه اول ۽ حصه دوئم جي راءِ صاحب گلاب سنگھ ۽ سنز بڪ سيلرز لاهور وٽان ملي سگهندا. جيڪي انگريزي دان سنڌي ۽ انگريزي علم جي حمايت ٿا ڪن تن جو اهو خيال ناهي ته عربي تعليم کي ترڪ ڪجي. هنن جو اٽلندو اهو خيال آهي ته عربي علم کي زور وٺائجي. مدرسن ۽ ڪاليجن ۾ خواه مڪتبن ۾ عربي علم جو اهڙو زبردست درياءُ وهائجي جو سيئي ٻوليون ان مان واهن ۽ ڪڙين وانگر آب ڪوثر ڪٽي هر مسلمان جي دل جي خشڪي لاهي ان کي سرسبز ۽ آباد رکن.

متئين بيان مان معلوم ٿيندو ته جنهن شخص کي مسلمان ٿيڻو آهي ۽ پنهنجي اولاد کي مسلمان ڪرڻو آهي تنهن کي گهرجي ته پاڻ به علم پڙهي ۽ پنهنجي اولاد کي به علم پاڙهي. اهڙو مسلمان هڪ به نه هجي جو پڙهيل نه هجي ۽ علم پڙهڻ ۾ مشغول نه هجي. ڇو ته جو شخص پڙهيل نه آهي تنهن کي مسلمان چوڻ ئي اجايو آهي. اڪثر ماڻهو ائين چوندا آهن ته اسين غريب ماڻهو علم جي ڪيون يا پنهنجي ڪم جي ڪيون. اهو رڳو ڪوڙو بهانو اٿن. اڄ ڪلھ پاڻي وانگر علم به مفت ميسر آهي مڪتبن ۾ ڪتاب به وٺڻا ڪون ٿا پون ۽ اسڪولن ۾ رڳو هڪ پيرو سال ۾ روپئي ڪن جا ڪتاب ٿا وٺجن. ننڍن ٻارن کي ماءُ پيءُ سڄو ڏينهن ڪم ڪين ڪرائيندا هوندا، گهٽ ۾ گهٽ هڪ پهر ضرور بيڪار رلندا ڦرندا هوندا، پوءِ ڇو نه اهو وقت اسڪولن يا مڪتب ۾ سجايو ڪن. رڳو لکڻ پڙهڻ ۾ ليکو چوکو سکي پوندا ته به نه رڳو دنيا ۾ اهي ڳالهيون ڪم ايندن پر ديني ڪتاب پڙهي فيض به حاصل ڪري سگهندا. عام ماڻهن ۾ جو اهو خيال ويٺل آهي ته سنڌي پڙهڻ مان ڪو ديني فائدو ڪونهي سو انهيءَ ڪري جو هنن کي سڌ ڪانهي ته ڪو سنڌي ۾ به ديني ڪتاب آهن تنهنڪري مون مٿي ڏيکاريو آهي ته گهٽائي ديني ڪتاب ڇپيا آهن ۽ ٻيا ڇپجن پيا. تنهن ڪان سواءِ شاگرد جڏهن اسڪول يا مڪتب ڇڏين ٿا تڏهن ڪتابن کي به ڇڏي ٿا ڏين، تنهنڪري علم وڏيڪ پرائڻ بدران اٽلندو اڳيون علم به وساري ٿا ڇڏين. سڀ ڪنهن انسان کي گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڪلاڪ هر روز فرصت ملي ٿي. اها فرصت ڪتابن پڙهڻ ۾ ڪم آڻجي. ڪتابن ۾ وندر به آهي ۽ فائدو به آهي. پر مشڪل ڳالھ هي آهي ته ڪتاب ڪٿان آڻجن. انهي مشڪل لاهڻ لاءِ مون هڪ رٿ الحق ۾ ڇپارائي، سا هيءَ آهي ته ڪتابن لاءِ گهر گهر تي هڪ ٽڪو يا هڪ آنو مهيني ۾ چندو وڃجي. ان


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

چندي مان هڪ اخبار ۽ ديني ڪتاب گهرائي مسجد شريف يا حجري ۾ رکجن اتي سڀ ڪوئي مسلمان فرصت جي وقت ۾ ڪتاب مطالعو ڪري ۽ دوستن سان سنگت ڪري. مطلب ته جنهن شخص کي مسلمان ٿيڻو هجي سو نه رڳو اسڪولن ۽ مکتبن ۾ علم پڙهي پر سڄي ڄمار علم ۾ مشغول رهي. اطلبو العلم من المهد الي اللحد يعني پينگهي کان وٺي قبر تائين علم جي طلب ڪريو.

## زناني تعليم

اسان مسلمان تعليم ۾ گهٽوئي پست پيل آهيون پر تڏهن به مردن ۾ ڪي ڪي ته ٿورو گهڻو پڙهيل آهن، عورتون اصل ئي بس. اسان جو عورتن کي علم ۽ اسلام کان محروم ڪيو آهي سو خدا جي حڪم سان يا پنهنجي حڪم سان؟ خدا تعاليٰ عورتن کي ٻين حيوانن وانگر روح ڪو نه ڏنو آهي ڇا، يا ڪين علم ۽ اسلام لاءِ نالائق بنائي دوزخ واسطي تيار رکيو آهي ڇا؟ نه هرگز نه. عورتن جي عزت ۽ حقن حقوقن واسطي قرآن شريف ۾ ڪيترين ئي آيتون آهن، ۽ حضرت رسول ﷺ جن فرمايو آهي ته طلب العلم فريضة علىٰ كل مسلم و مسلمة يعني علم جي طلب سڀ ڪنهن مسلمان مرد توڙي عورت تي فرض آهي. عجب اهو آهي ته جاهل ته ڇڏيو پر ڪيترائي تعليم يافته مسلمان به زناني تعليم جي مخالفت ٿا ڪن ۽ ائين نه ٿا ڄاڻن ته سندن عقل الله ۽ الله جي رسول جي عقل کان ڪئين وڌيڪ هوندو. ائين نٿا ڄاڻن ته جو شخص پاڻ کي مسلمان ٿو چوائي تنهن کي الله ۽ الله جي رسول ﷺ جي صاف صاف حڪمن جي مخالفت ڪرڻ جو ڪو حق ڪونهي. اهو به عجب آهي ته ڇو هنن جو عقل زناني تعليم جي مخالف ٿيو آهي. زناني تعليم به نسبت اڪثر اعتراض اهو آهي ته زالون پاڪ دامني ڦٽي ڪري خراب ٿينديون. ۽ خراب ٿيڻ بعد هنن کي خطن جي وسيلي انهي خرابي ڪرڻ لاءِ وڌيڪ موقعا حاصل ٿيندا. اسان جو چوڻ آهي ته ان ۾ تعليم جو کهڙو قصور ٿيو اهو ته تربيت ۽ سيکت جو نقص آهي، ڇو ته ڇڙي تعليم مان ته فقط علم حاصل ڪري سگهجي ٿو، عادتون سڌارڻ ته سيکت يا تربيت جو ڪم آهي، ۽ ان جو تعليم سان گڏ خيال رکڻ تمام ضروري آهي. ازانسواءِ سنڌي ۾ ڪي اهڙا بي هودا قصا ڇپجي ويا آهن جو جيڪڏهن ڇوڪريون اهي خراب قصا پڙهنديون ته هنن جي دلين تي خراب اثر پوندو. پر تڏهن به عورتن کي خدا تعاليٰ جل شانه ايترو حياءُ ڏنو آهي جو هو ڪڏهن به پهريائين پاڻ خرابي لاءِ آماده نه ٿيون ٿين. پهريائين تحريڪ ضرور مرد جي طرف کان ٿي ٿئي تنهنڪري جيڪڏهن پورو اسلامي پردو رکجي ته ڪنهن به خرابي ٿيڻ جو امڪان ڪونهي. پر پهريائين ته اهڙا خراب ڪتاب گهرن ۾ هئڻ ڇو گهرجن؟ اٿلندو اهڙا ڪتاب ديني ۽ دنياوي هجن جن جو اثر چڱو هجي. باقي رهي اها ڳالهه ته خراب ٿيڻ بعد عورتون خطن جي وسيلي پنهنجي خرابي لاءِ موقعا


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ٿاهينديون. منهنجي خيال ۾ ته ائين ٿو اچي ته اهڙي ڳالهه لاءِ خط لکڻ پاڻ کي (ڦاسائڻ) جو وسيلو آهي، ڇو ته جيڪڏهن ڪا عورت اهڙا خط لکندي ته انهن خطن جو ٻين جي هٿ ۾ اچڻ جو گهڻو امڪان آهي. تنهن ڪان سواءِ هوءَ اهڙا خط ضرور ڪنهن ماڻهو هٿ پهچائيندي، ڇو ته پاڻ پردي اندر ٿي رهي. هاڻي اهڙو خط ٻئي جي هٿ ۾ ڏيڻ اهڙو آهي جهڙو پنهنجي عزت ۽ جان ٻئي جي هٿ ۾ ڏيڻ. پوءِ هو هميشه خط پهچائيندڙ جي تابعدار ٿي رهندي ۽ ڪڏهن نه ڪڏهن ضرور هو هن جا خط ڏيکاري ڳجهه کولي وجهندو. جيڪڏهن خط ٽپال ۾ وجهو هوندو ته به ضرور ڪنهن ماڻهو جي هٿان ٽپال ۾ موڪلڻو پوندو. اهڙي بيوقوف عورت هوندي ڪانه جا پنهنجي ڳجهه جو خط ڪٽي ٻئي جي هٿ ۾ ڏيندي. پر جيڪڏهن ڪي بيوقوف اهڙيون عورتون هجن به ڪٽي ته به اڻ پڙهيل عورت ڪان ان جي چال ۽ خانه داري ۽ اولاد کي سنڀالڻ عمدي طرح هوندو. هو پنهنجي غلطي تي آئي وقت تي پشيمان به ٿي ٿي سگهي. باقي جاهلياڻي عورت کي ته خدا موڙي – در حقيقت زالن جي خرابي جو بنياد مرد پاڻ آهن. زنا بي پردگي جو نتيجو آهي. جيڪڏهن سڀ زالون پورو اسلامي پردو رکن يعني نڪي ڌارين ماڻهن کي منهن ڏيکارين نڪي انهن سان ڪلن ڳالهائين، ۽ جي ڪنهن ڪم سان ٻاهر نڪرن ته پنهنجي عزيز محرم سان گڏ منهن تي نقاب وجهي نڪرن ته زنا جو نالو به ڪو به نه رهي. ڏسو هن زماني ۾ زنا ڪيترو زور وٺي ويئي آهي سا عورتن جي علم پڙهڻ ڪري ٿي آهي ڇا؟ عورتن ۾ علم آهي ڪٿي؟ اها سڀ زنا فقط پرده نه هئڻ يا بي علمي ڪري ٿي آهي.

جن ماڻهن کي ٿورو گهڻو زناني تعليم جو خيال آهي سي وري چون ٿا ته زنانو اسڪول هجي ۽ پڙهائيندڙ به عورت هجي ته پوءِ ڇوڪريون پڙهايون. زنانا اسڪول کولڻ مشڪل آهن جو ماسترياڻيون ملي ڪو نه ٿيون سگهن. جيئن پڙهيل عورتون گهڻيون ٿينديون تيئن گهڻائي زنانا اسڪول کولبا. پر مون کي ته عجب ٿو لڳي ته ڇو اهي ماڻهو في الحال اسڪولن ۽ مڪتبن ۾ ئي ڇوڪريون نٿا ڇڏين. ننڍيون معصوم ڇوڪريون ڇئن ۽ ڏهن ورهين جي اندر اسڪول يا مڪتب جهڙي ادب جي جاءِ ۾ وڃي وهنديون ۽ علم سکنديون ته کهڙو اعتراض آهي؟ اهي ساڳيون ڇوڪريون گهٽين ۾ اجايو سجايو راند ڪنديون وتن ته ماڻهن کي اعتراض ئي ڪونهي، باقي اسڪول ۾ ڇوڪرن سان وهڻ ۾ اعتراض اٿن! اڳئين زماني ۾ به آخوندن ۽ ملن وٽ مسجدن يا مڪتبن ۾ ڇوڪريون ۽ ڇوڪرا گڏ تعليم وٺندا هئا. پوءِ هاڻي هن وقت ان پراڻي رسم کي بجڙي پائڻ جو کهڙو مطلب آهي؟ ازان سواءِ ڪيتريون وڏيون عورتون اڪيليون جهنگ ڏي ڪيترن ڪمن لاءِ هليون وينديون آهن، انهيءَ تي غيرت ئي ڪانه ٿي اچين باقي ننڍڙيون معصوم ڇوڪريون ادب جي جاءِ ۾ علم سکنديون تنهن تي غيرت ٿي اچين. هروڀرو ايتري غيرت اٿن ته جن ڇوڪرين کي ڀائر آهن سي پنهنجن


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

پائرن سان گڏجي اسڪول ۾ يا مڪتب ۾ وڃن ۽ گڏجي موٽن. اسان کي گهرجي ته جيستائين زنانا اسڪول کلن تيستائين پنهنجيون ڇوڪريون اسڪولن ۾ ۽ مڪتبن ۾ پڙهايون، يا انهن کي خانگي طور گهر ۾ تعليم ڏيون. جيڪي ڇوڪريون ٿورو گهڻو پڙهي پون تن کي گهرجي ته خانگي مڪتب کولي ڇوڪريون پڙهائين. سرڪار ڇوڪرين لاءِ ايتري گرانٽ ٿي ڏياري جو جيڪا عورت مڪتب کوليندي سا ته رڳو پنهنجو گذران ڪري سگهندي پر سڄي ڪٽنب کي پالي سگهندي. زناني تعليم نه هئڻ ڪري مرد به پوري ترقي ڪري نٿا سگهن. ڇو ته ننڍي هوندي ٻارن تي ماءُ جا اثر قابو پئجي ٿا وڃن. جيڪڏهن مائر علم واريون هجن ته ننڍي هوندي کان ئي ٻارن کي چڱي تربيت ڏيئي سگهن. تنهن کان سواءِ ٻارن کي نپائڻ بابت ٻارن جي بيمارين بابت. گهرجي انتظام رکڻ بابت ۽ طعامن تيار ڪرڻ بابت ڪيترائي مفيد ڪتاب لکيل آهن سي جيڪڏهن عورتون پڙهنديون ته گهرن جو انتظام ئي اور ٿي پوندو. علم پکيڙڻ ۾ زميندارن عالمن ۽ پيرن، سيٺين ۽ آفيسرن جي مدد جي تمام گهڻي ضرورت آهي. جيڪڏهن اهي ته دلي ڪوشش ڪن ۽ ماڻهن کي سمجهائڻ ۾ اصل نه ٿڪجن ته مسلمانن جي ترقي جلدي ٿي وڃي. منهنجي سيني ماڻهن کي استدعا آهي ته حتي المقدور هنن خيالن جي اشاعت ڪن ۽ هي اشتهار ماڻهن کي پڙهي ٻڌائين. پڙهيلن کي گهرجي ته هي ڪتاب اڻ پڙهيلن کي پڙهي ٻڌائين ۽ پوءِ وري ڪنهن ٻئي پڙهيل کي ڏيئي ڇڏين. يا رب! اسان مسلمانن کي علم نصيب ڪر ۽ پورو مسلمان ڪر. آمين ثم آمين!

## ديني تعليم

پهريائين هي اصول ياد ڪرڻ گهرجي ته سڀ تعليم سوالن يا گفتگو جي رستي ڏيڻ گهرجي. ٻيو ٻارن جي سمجهه آهر ڳالهيون ڪجن ۽ انهن جي سمجهه کان وڌيڪ ڪا ڳالهه نڪري يا پاڻ پڇن ته انهن کي چئجي ته اها ڳالهه پوءِ سکندو. ٽيون ڇوڪرن کي سوالن پڇڻ لاءِ همٿائجي ته پلي سوال پڇن. انهن جو جواب ٿورو ۽ سليس طرح ڏجي.

هر روز جنهن وقت صبح جو ملا مڪتب جو ڪم شروع ڪري تنهن وقت گهرجيس ته سيني شاگردن کي چوي ته سيئي گڏجي چئو بسم الله الرحمن الرحيم، ۽ هنن کي سمجهائجي ته جڏهن ڪو به ڪم شروع ڪيو تڏهن ضرور پهريائين بسم الله پڙهو. ڪائڻ، پيئڻ، ٻاهر وڃڻ، مطلب ته سڀ ڪم بسم الله سان شروع ڪجي. انهن کي سمجهائجي ته انهن لفظن جي معنيٰ آهي ته الله جي نالي سان هي ڪم شروع ٿو ڪريان جو رحم وارو ۽ بخشيندڙ آهي. مگر هي معنيٰ ٿورو دير سان سمجهائبي ته حرڪت ناهي. پهريائين ضروري آهي ته خود الله تعاليٰ جي هيڪڙائي ۽ ٻين ضروري


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

صفتن جو بيان پوري طرح ذهن نشين ڪرائجي پوءِ هو شاگرد چڱي طرح سمجهي سگهندا ته بسم الله الرحمن الرحيم به هڪڙي دعا آهي. جو چڱو ڪم الله تعاليٰ جي نالي سان شروع ڪبو تنهن ۾ الله تعاليٰ مدد ۽ فتح يابي ڏيندو. بسم الله پڙهڻ گويا رحم واري الله تعاليٰ جي مدد گهرڻ آهي تنهنڪري جيڪو شخص سچي دل سان بسم الله چئي ڪو ڪم شروع ڪندو تنهن ۾ خدا تعاليٰ هن کي فتح يابي ڏيندو تنهنڪري بسم الله پڙهي ڪم ڪرڻ ۾ پنهنجو فائدو آهي.

## الله تعاليٰ جي وجوديت ۽ خالقيت

شاگردن جي روبروءَ مٽيءَ جو گوڙهو يا ٻي شڪل ٺاهي پوءِ پڇجي ته هي ڪنهن ٺاهيو؟ هو چوندا ته توهان ٺاهيو. اهڙا ٻيا به سوال ڪجن. پوءِ پڇجي ته هي ڪهڙي شيءِ مان ٺاهيم؟ هو چوندا ته مٽيءَ مان. پوءِ پڇجي ته مٽي ڪنهن ٺاهي آهي؟ جيڪڏهن نه ٻڌائي سگهن ته ٻڌائجي مٽي الله پيدا ڪئي آهي. پوءِ پڇجي ته هي سج ڏرتي وغيره ڪنهن ٺاهيا آهن؟ ۽ اسان کي ڪنهن پيدا ڪيو آهي؟ ۽ اسان پاڻ جهڙا ماڻهو ٺاهي سگهون ٿا يا نه؟ ۽ وار يا ننهن يا ڏند سڌ پڌ اهڙا ٺاهي سگهون ٿا يا نه؟ هو چوندا ته نه. جيڪڏهن نه چئي سگهن ته پاڻ ٻڌائجي ته اسان اهي شيون ٺاهي نه ٿا سگهون. هي سڀ الله تعاليٰ جي جوڙ آهي.

## الله تعاليٰ جون صفتون

پوءِ ڇوڪرن کي چئجي ته جيڪي پڇڻو اٿو سو پڇو. جيڪي شاگرد سمجهو هوندا سي پڇندا ته الله تعاليٰ ڪهڙو آهي ۽ ڪٿي آهي ۽ ڇا ڪندو آهي؟ اسان کي ته ڏسڻ ۾ ئي ڪو نه ٿو اچي. اهڙن سوالن جا جواب سمجهائي ڏيڻ گهرجن. جيڪڏهن شاگرد نه پڇن ته پاڻ ٻڌائڻو پوندو ته اسان جون اکيون الله تعاليٰ کي ڏسي نه ٿيون سگهن. جڏهن وڏا ٿيندؤ ۽ چڱا ٿيندؤ ته پوءِ اوهان کي الله تعاليٰ جي وڌيڪ خبر پوندي. الله تعاليٰ اسان انسانن وانگر ٺاهي هن کي شڪل ۽ رنگ روپ ڪونهي. هو سڀ ڪنهن هنڌ آهي هت به اسان کي ڏسي پيو ۽ اسان جيون ڳالهيون به ٿو ٻڌي، سڀ خبر ٿي پويس، رڳو اسان جي دل جا خيال به ڄاڻي ٿو.

## رحمانيت ۽ رحيميت

توهان کي ماءُ پيءُ پيار ڪندا آهن نه؟ ٻار چوندا ته هائو. پوءِ انهن کان پڇجي ته ڪيئن ٿا چئو ته ماءُ پيءُ اوهان کي پيار ڪندا آهن؟ هو چوندا ته اسان کي ڀاڪر پائيندا آهن ٿول ڪارائيندا آهن وغيره. ڀلا ٻڌايو ته الله تعاليٰ به اوهان کي پيار ڪري ٿو يا نه؟ جي چون ته هائو ته انهن کان پڇجي ته ڪيئن ٿا سمجهو ته الله تعاليٰ اوهان تي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

پيار ٿو ڪري؟ نہ ٻڌائي سگھن تہ هنن کي سمجهائجي تہ الله تعاليٰ اوهان جي واسطي ان، پاڻي، ميوا ۽ ڀاڄيون خلقيون آهن. اهي نہ هجن تہ جيڪر جهٽ سڀ مري وڃون. خدا تعاليٰ اوهان واسطي ڪيتريون نہ چڱيون شيون پيدا ڪيون آهن. تڏهن سمجهبو تہ ماءُ پيءُ کان بہ الله تعاليٰ جو پيار اوهان تي وڌيڪ آهي. هاڻي ٻڌايو تہ ماءُ پيءُ جو اوهان تي پيار ٿا ڪن تنهن ڪري اوهان کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ جڏهن پنهنجا جواب ڏيئي رهن تڏهن چئجي تہ اوهان کي بہ هنن سان محبت رکڻ گهرجي جيڪي هو توهان کي ڪو ڪم چون سو هڪدم اٿي ڪجي. انهيءَ ۾ اوهان جو فائدو آهي. اتي هرڪنهيءَ جي يا ڪا ٻي ڳالهہ ٻڌائي سمجهائجي تہ ماءُ پيءُ جو چيو نہ وڃبو تہ نقصان ٿيندو ۽ وڃبو تہ فائدو پوندو، ڇو تہ ننڍا ٻار ٻي سمجهہ آهن ۽ ماءُ پيءُ کي سمجهہ وڌيڪ آهي هو ڄاڻن ٿا تہ هن ڪم ۾ اسان جو فائدو آهي هن ۾ اسان جو زيان آهي. پوءِ ڇو نہ انهن جو چيو وڃڻ گهرجي.

لله تعاليٰ تہ وري ماءُ پيءُ کان وڌيڪ مهربان آهي ۽ سمجهہ تہ گهڻو گهڻو وڌيڪ اٿس. هو سڀ ڪجهہ ڄاڻي ٿو. تنهن ڪري توهان کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ جوابن ملڻ کان پوءِ سمجهائجي تہ جئين ماءُ پيءُ کي پيار ٿا ڪيو تئين الله تعاليٰ سان تہ پاڻ وڌيڪ محبت رکو. جئين ماءُ پيءُ جو چيو ٿا وڃو تئين الله تعاليٰ جو چوڻ تہ ضرور وڃو. الله تعاليٰ جيڪي اسان کي چوي ٿو سو سڀ اسان جي فائدي لاءِ آهي، پوءِ ڇو نہ هن جو چيو وڃون؟ چيو نہ وڃنداسين تہ ضرور ڏکن ۾ پونداسين. پوءِ سمجهو ٻار ضرور پڇندا تہ الله تعاليٰ اسان کي ڪجهہ چوندو آهي ڇا ۽ اسان هن جو ڪهڙو چيو مڃون؟ اهڙن سوالن جي جواب ۾ هنن کي ٻڌائبو تہ الله تعاليٰ جيڪي اسان کي چيو آهي سو سڀ قرآن شريف ۾ لکيل آهي. اهو قرآن اوهان پوءِ سکندو. جيڪي هاڻي توهان سکو ٿا سو بہ قرآن شريف ۾ لکيل آهي.

## حضرت محمد ڪريم ﷺ

ڇوڪرا ضرور پڇندا تہ ڪيئن قرآن شريف الله تعاليٰ جو ڪلام ٿيو. انهن کي سمجهائبو تہ گهڻا ورهيہ ٿيا جو عرب ملڪ ۾ مڪي معظم شهر ۾ هڪڙو شخص پيدا ٿيو. اهو ملڪ الهندي پاسي بلڪل پري آهي. هن جا ماءُ پيءُ ننڍي هوندي ئي مري ويا. هو اهڙو چڱو هو جو توهان هن کي ڏسو ها تہ ڏاڍو پيار ڪريوس ها. ماءُ پيءُ کان بہ وڌيڪ وڻيو ها ڇو تہ هن جي سيني ماڻهن سان محبت هوندي هئي. ٻارن سان تہ ڏاڍي دل هوندي هيس. هو ٻارن کي مٿي تي هٿ رکندو هو ۽ چميون ڏيندو هو، ۽ ساڻن بيهي راند ڪندو هو. ڪوڙ ڪڏهن ڪين ڳالهائيندو هو، سيني ماڻهن سان ڀلائي ڪندو هو. الله تعاليٰ کي ڏاڍو پيارو هو. هن جو نالو هو محمد ﷺ (يعني واکاڻ جو لائق). الله تعاليٰ کي جيڪي چوڻو هوندو هو سو سڀ هن ڏي چورائي موڪليندو هو


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

جيڪي چورائي موڪليندو هو سو سڀ لکندا ويا. ان کي قرآن شريف ٿو ڪوٺجي. حضرت محمد ڪريم ﷺ قرآن شريف ماڻهن کي سيکاريو ۽ پاڻ به گهڻيون ڳالهيون سمجهايائين. اهي سڀ ڳالهيون جيڪي خدا تعاليٰ ۽ حضرت محمد ڪريم ﷺ سيکاريون آهن سي سڀ لکيل آهن اوهان هوريان هوريان سڀ سکندؤ. اوهان کي ضرور سکڻ گهرجن، ۽ ضرور ائين ڪرڻ گهرجي جئين خدا ۽ خدا جي رسول اسان کي سيکاريو آهي. جيڪڏهن ائين نه ڪنداسين ته سزا ڪائينداسين ۽ ڪنداسين ته سک ڏسنداسين. خدا تعاليٰ قرآن شريف ۾ ٿو فرمائي ته جيڪو ماڻهو منهنجي حڪمن تي هلندو سو مرڻ کان پوءِ بهشت ۾ ويندو. ۽ جيڪو منهنجا حڪم نه مڃيندو سو دوزخ ۾ ويندو. بهشت هڪڙو وڏندڙ باغ آهي جنهن ۾ سڀ ماڻهو خوش هوندا ۽ موجون ماڻيندا ۽ الله تعاليٰ جو ديدار ڪندا. دوزخ اهڙي جاءِ آهي جتي سدا باه پئي ٻري. جيڪي خراب ماڻهو دوزخ ۾ پوندا سي سدائين پيا سڙندا. ڀلا سائين ڪجهه ته ٻڌايو ته الله تعاليٰ ڪهڙا حڪم ڏنا آهن ته انهن موجب هلون.

جواب – اهي حڪم گهڻا آهن – هوريان هوريان پيا سکندو ڪي ٿورا ٻڌو – ماءُ پيءُ جو چيو مڃو – وڏن جو ادب ڪريو – هڪ ٻئي کي پيار ڪريو – سڀ ڪنهن سان ڀلائي ڪريو – ڪوڙ ڪڏهن نه ڳالهايو صفائي سدائين رکو – گاريون يا خراب لفظ وات مان نه ڪڍو – (اهي جيڪي ڳالهيون آهن تن جو فائدو به سمجهائجي)

حضرت محمد ڪريم ﷺ کان اڳي ڪيترائي ماڻهو اهڙا هوا ۽ اجا تائين به ڪيترا ماڻهو آهن جي هٿ سان پٿرن جون مورتون ٺاهي انهن کي پنهنجو خدا سمجهن ٿا. ڏسو انهن جي مورڪائي، اهي پهڻ جا بت نڪي ڏسي ٿا سگهن نڪي ٻڌن ٿا. انهن کان ته اسان پاڻ چڱا آهيون جو الله تعاليٰ اسان کي عقل ۽ سمجهه ڏني آهي، پوءِ اسان جو انهن کي پنهنجو خدا ڪري سمجهون؟ هڪڙا ماڻهو وري اهڙا آهن جي پاڻي کي، باهه کي، سج کي ۽ چنڊ کي ۽ ٻين شين کي پنهنجو خدا ٿا سمجهن. اهي به ڀليل آهن. اهي شيون بنا ساه جي آهن – اهي خدا اسان جي لاءِ خلقيون آهن. چو ته انهي خدا کي مڃجي جنهن اهي سڀ شيون پيدا ڪيون آهن؟ ۽ اسان کي به پيدا ڪيائين؟ ۽ رحم ڪري اسان لاءِ هزار نعمتون پيدا ڪيائين؟ خدا هڪ آهي – هو پاڪ ۽ بي عيب آهي هو رحمان آهي جو اسان لاءِ هزار نعمتون پيدا ڪيون اٿس هو رحيم آهي جو اسان جي ڪم ڪار جو اسان کي گهڻو عيوض ٿو ڏئي. هو سيني جهانن ۽ سيني شين ۽ سيني ماڻهن ۽ جانورن جو خلقيندڙ ۽ هلائيندڙ آهي قيامت جي ڏينهن جو مالڪ آهي اسان کي گهرجي ته رڳو سندس عبادت ڪريون ۽ رڳو ڪائنس مدد گهرون. هميشه اها دعا گهرون ته اي رب اسان جا! اسان کي سڌي رستي تي هلاءِ ته اسان اهڙا ڪم ڪريون جي توکي وڻن. الله تعاليٰ کي ڪنهن جي پرواه ڪانهي مگر اسان سيئي هن جا محتاج آهيون هو نڪي ڄڻي ٿو نڪي ڄائو آهي هن جهڙو ڪوئي ڪونهي. اسان کي گهرجي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

تہ هميشہ الله تعاليٰ جو نالو وٺون، سندس واکاڻ ڪريون ۽ سندس شڪر ڪريون جو اسان سان هيتريون ڀلايون ٿو ڪري، سندس عبادت ڪريون، ۽ ڪائنس دعا گھرون تہ اسان جون مرادون پوريون ڪري. اڪثر حضرت محمد ڪريم ﷺ بہ نسبت روايتون بيان ڪري ٻڌائجن ۽ جڏهن ڇوڪرا لائق ٿين تڏهن سلسلي وار سوانح عمري پڻ سيکارجي. ڪلمو معنيٰ ۽ سمجهاڻي سان سيکارڻ گهرجي. ٻار ڏهن ورهن جا ٿين تہ نماز جي لفظن جي معنيٰ سمجهاڻيءَ سان سيکارجي. اسلام جا پنج رڪن فائدن سميت سيکارجن. وغيره وغيره. جڏهن ڇوڪرا ڪتاب پاڻ پڙهي سگهن تڏهن هنن کي ديني ڪتاب وٺي ڏجن سي تاڪيد ڪري هنن کي پڙهائجن رفتہ رفتہ ضروري عملي ڪم شاگردن کي ضرور سيکارجن. نڪاح پڙهڻ سميت وهنجارڻ ۽ جنازي جي نماز پڙهڻ پردي جي حقيقت ۽ ورثي جا قانون پوءِ رفتہ رفتہ ٻيا فقہ جا مسئلا پڻ سيکارجن.

**نوٽ:** خدا گهريو تہ مان مڪتبن ۽ اسڪولن جي ٻارن لاءِ ان جي مدد سان ننڍڙا ديني ڪتاب ٺاهيندس جي درجي وار سال سال ۾ هڪ هڪ ڪري پڙهائڻ ۾ ايندو.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# اخلاقي ۽ مذهبي تعليم

(هيءَ تقرير 1 جنوري 1942 تي ڪراچيءَ ۾ سنڌ جي پهرين تعليمي ڪانفرنس جي اجلاس ۾ ڪئي وئي. تڏهن سنڌ جو گورنر هز ايڪسيلنسي سر هيوڊو هو جنهن صدارت ڪئي. هيءَ ڪانفرنس ٽي ڏينهن هلي هئي.)

پريزيڊنٽ، ليڊيز ۽ جينٽلمين! عام طرح سڄي دنيا ۾ قبول ڪيو ويو آهي ته تعليم جو مکيه مقصد هئڻ گهرجي، اخلاق سڌارڻ ۽ سچو انسان بنائڻ. جنهن ڪان سواءِ ڪا به ترقي محال آهي. ڪن ٿورن کان سواءِ هر ڪو هي به قبول ٿو ڪري، ته اخلاقي تعليم مذهب جي وسيلي ڏني وڃي، پر افسوس هي آهي ته جيڪي به ماڻهو مذهبي تعليم جي فائدي ۾ آهن، تن مان گهڻا رڳو زباني همدردي ڏيکاريندا آهن. انهن ڪي نه ايترو جوش آهي، نه وقت ۽ همت آهي، جو رڳ ٿاهي عمل جي ڪا ڪوشش ڪن. ڪن جو خيال آهي، ته جنهن صورت ۾ پبلڪ اسڪولن ۾ مختلف مذهبن ۽ فرقن جا شاگرد تعليم وٺن ٿا، تنهن صورت ۾ ڌرمي تعليم جاري ڪرڻ مشڪل بلڪ محال آهي پر مون کي گمان آهي، ته اهي اعتراض رڳو بهانا آهن. حقيقت هيءَ آهي، ته انهن مان گهڻن فقط دنيوي تعليم ورتي آهي، ۽ مذهبن جي واقفيت تمام ٿوري اٿن، ۽ انهن مسئلن تي پورو غور ۽ فڪر ڪو نه ڪيو اٿن. تنهنڪري مان پهريائين ٻڌائيندس ته مذهب ڇا آهي، ۽ پوءِ پنهنجي رٿ پيش ڪندس.

ڪير انڪار ڪندو، ته خدا تعاليٰ اسان ۾ ڪي جذبا ۽ جبلتون رکيون آهن ۽ انهن مان هڪڙو آهي ”مذهبي جذبو“ اوهان مان هر هڪ قبول ڪندو ته اوائلي زماني کان وٺي هر ملڪ ۽ هر قوم ۾ مذهبي جذبو ڏٺو ويو آهي. جهنگلي قومون به بالائي طاقت اڳيان سر نمائين ٿيون. ان مان ڪين دل جو آرام، خوشي ۽ طاقت ملي ٿي. ڪن جو خيال آهي ته مذهب فقط ڊپ مان پيدا ٿيو آهي. اها ڳالهه شايد سچي هجي، ته ڪن جهنگلي ماڻهن قدرتي مصيبتن جهڙوڪ: ڌرتيءَ جو ڌٻڻ، ٻرندڙ جبلن جو ڦاٽڻ، ڪالرا وغيره وقت، هراس ۾ اچي ڪنڌ نمايو هجي، پر مذهبي جذبو ضرور اڳي هن جي فطرت ۾ موجود هوندو، جو اهڙين مصيبتن جي وقت ڪين سجدو ٿو ڪرائي. پر ائين چوڻ ته سيني مذهبن جو بنياد فقط ڊپ آهي، سو قطعي غلط آهي. مثلن قرآن


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

شريف جي هر هڪ باب جي منڍ ۾ اهي الفاظ آيل آهن تہ: مان انهيءَ خدا جي نالي سان شروع ٿو ڪريان، جو رحم وارو ۽ مهربان آهي. جيڪڏهن مذهبن جو بنياد ڊپ هجي ها، تہ ائين چيو وڃي ها تہ مان انهيءَ خدا جي نالي سان شروع ڪريان، جو غضب ۽ قهر ڪندڙ ۽ مصيبتون موڪليندڙ آهي. پر جيڪڏهن ڪٿي قبول بہ ڪجي، تہ مذهبن جو بنياد ڊپ آهي، تہ بہ ان مان اها ڳالهہ ثابت نہ ٿيندي، تہ مذهب ڪوڙا آهن يا غلط آهن. ڇا! اسان جي سيني عملن جو بنياد اميدون ۽ ڊپ نہ آهن؟ سزا جو ڊپ يا نقصانڪار نتيجن جو ڊپ ئي اسان کي ڪيترن خراب ڪمن ڪرڻ کان روڪي ٿو. انگريزيءَ ۾ عام چوڻي آهي تہ، "خدا جو خوف عقل جي شروعات آهي."

مون کي يقين آهي تہ اسان ۾ جو مذهبي جذبو رکيو ويو آهي، سو انسان جي چڱائيءَ ۽ فائدي لاءِ رکيل آهي. سيني ملڪن ۾، سيني علائقن ۾ ۽ خطن ۾ وڏا وڏا رشي، نبي ۽ پيغمبر پيدا ٿيا، جن اسان جي سڌاري، ترقيءَ ۽ آسودگيءَ لاءِ بنيادي اصول ۽ چال چلت جا قاعدا قانون سيکاريا. مثلن شاديءَ جي رسم تي غور ڪريو. اها رسم اوائلي زماني کان ئي پيغمبرن سيکاري، ڇو تہ اهائي رسم سلامتي، امن امان ۽ تهذيب جو پهريون ڏاڪو آهي. ان کان سواءِ ماڻهو جيڪر ڪتن ۽ ٻلن جي حالت ۾ هجن ها، ۽ هڪ ٻئي کي فنا ڪري ڇڏين ها. حضرت موسيٰ تي جيڪي ڏهہ حڪم نازل ٿيا تن جو مثال وٺو. انهن ئي حڪمن جي وسيلي هن مصر جي بني اسرائيل غلامن کي، جي مرده تي ڇڪا هئا، وري زنده ڪيو، ۽ کين تهذيب ۽ ترقي جي شاهي راهہ تي آندو. هن مان ثابت آهي تہ تهذيب ۽ ترقيءَ جو بنياد پيغمبرن جي تعليم تي آهي.

هاڻي سوال آهي تہ مذهب آهي ڇا؟ دنيا ۾ ڏسون ٿا تہ سيني حالتن ۾ هڪڙو هيڊ آهي، جنهن جي ماتحت اسان ڪم ڪار ڪريون ٿا. شاگرد، ماسترن جي حڪم هيٺ، سپاهي، سپہ سالار جي ماتحت ۽ رعيت، بادشاہ يا ڊڪٽيٽر جي هٿ هيٺ پنهنجا پنهنجا فرض بجا آڻين ٿا. اُهو حاڪم پنهنجا فرمان ڪڍي ٿو ۽ قاعدا قانون ناهي ٿو، جن تي تعلق وارا عمل ڪن ٿا. پڇاڙيءَ ۾ آهي سزا يا انعام. يعني جيڪڏهن انهن حڪمن ۽ قانون تي عمل ٿو ڪجي تہ فائدو يا انعام ٿو ملي، جيڪڏهن خلاف ٿو وڃجي، تہ سزا ٿي ملي. هو بهو ساڳيءَ طرح مذهب بہ سيکاري ٿو تہ: (1) اسان سيني جو هڪ هيڊ آهي، جنهن کي خدا يا ڀڳوان ٿا ڪوٺيون (2) سندس قاعدا ۽ قانون آهن جن کي خدائي ڪتاب (مثلن قرآن شريف، انجيل، ويد وغيره) ٿا ڪوٺيون ۽ (3) اسان کي يقين هئڻ گهرجي، تہ جيڪڏهن اسان خدائي حڪمن تي هلنداسون، تہ هن ۽ ٻيءَ دنيا جون نعمتون ماڻينداسون، پر جيڪڏهن ابتڙ هلت وٺنداسون، تہ ٻنهي جهانن ۾ مصيبتون ڏسنداسون.

مون کي خبر آهي تہ ڪي تمام وڏا تعليم يافتہ ماڻهو خدا جي هئڻ جو انڪار


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ٿا ڪن. اسان هنن لاءِ اهڙن دليلن سان خدا تعاليٰ جو وجود ثابت نٿا ڪري سگهون. جهڙن دليلن سان ثابت ڪري سگهون ٿا، ته ڪنهن به ٽڪندي جا به پاسا گڏجي ٽئين پاسي کان وڏا آهن، پر اسان هي چئي سگهون ٿا ته، (1) ڪنهن بالائي طاقت ۾ ايمان هئڻ انسان جي فطرت ۾ رکيل آهي. (2) هيءَ حيرت ۾ وجهندڙ دنيا ۽ ان جون عجيب و غريب شيون، جي سڀ مقرر قانونن تي هلندڙ آهن. (مثلن سج، ڌرتي وغيره جي گردش) تن جو ضرور ڪو خالق ۽ هلائيندڙ هوندو ۽ (3) اهي اعليٰ هستيون، جن بنا ذاتي خود غرضي جي پنهنجي جان، مال ۽ اولاد خدا جي راه ۾ قربان ڪري، انسانن جي خدمت ڪئي ۽ هنن کي وحشي تباهه ڪندڙ حالتن مان ڪڍي، سڌاري ۽ آسودگيءَ جي حالت ۾ آندو، تن سڀني شاهدي ڏني ته ڏٽي تعاليٰ آهي ۽ هن ئي اسان کي اوهان جي سڌاري ۽ ترقيءَ لاءِ حڪم احڪام موڪليا آهن. پوءِ ڪهڙو سبب آهي جو اسان اهڙن اعليٰ انسانن کي ڪوڙو سمجهون؟ ڪوڙا انسان ڪڏهن به اهڙا ڪامياب ٿي نٿا سگهن، جو جاهل، جهنگلي ۽ سڄي قوم کي پڙهيل، سڌريل ۽ شاهوڪار قوم ڪري ڇڏين. انهيءَ ڪري منهن جو خيال آهي ته مذهبي تعليم جو بنياد هن ڳالهه تي رکون، ته اسان کي هڪ خدا ۾ ويساهه هئڻ گهرجي جو اسان تي مهربان آهي ۽ اسان کي آسودگيءَ ۽ ترقيءَ جي راهه تي هلائڻ ٿو چاهي.

هاڻ اچون ٿا ٻئي ويساهه تي، يعني وحيءَ ۾ ايمان آڻڻ. سڀني مشهور مذهبن جو بنياد وحيءَ تي آهي. اسان سڀئي مڃون ٿا ته ڏٽي اسان ڏي پنهن جو پيغام ۽ هدايتون پيغمبرن هٿان موڪليون آهن. پر اڄ ڪلهه جا ڪي تعليم يافته وحي ۾ ويساهه نٿا رکن. اهي چون ٿا ته ڪن چڱن ماڻهن چڱيون ڳالهيون سيکاريون، پر اُنهن کي اهي ڳالهيون خدا تعاليٰ پاڻ ڪو نه ٻڌايون، تنهنڪري اُهي ڪو هرو ڀرو صحيح ۽ ڪامل نه آهن. مان ڀانيان ٿو، ته انهن ۾ اهو خيال هن ڪري پيدا ٿيو آهي، جو سڀني مذهبن جي ملان فرقي، پنهنجي غرض لاءِ يا ٻين حالتن سبب اصلوڪن مذهبي ويساهن ۽ سکيائن ۾ ڦيرڦار ڪري ڇڏي آهي. جيئن سندن جڙتو ڳالهيون عقل ۽ علم وارن کي سچيون ڳالهيون ڏسڻ ۾ اچن. مگر اهي سچيون نه آهن. انهن تعليم يافته ماڻهن کي اصلوڪن ڪتابن جو مطالع ڪرڻ گهرجي ۽ پنهنجو غور ۽ فڪر ڪرڻ گهرجي. ائين سمجهڻ نه گهرجي، ته مذهب اهو ئي آهي، جو هاڻوڪا ملان يا پنڊت ٿا سيکارين. جيڪڏهن وحي ۾ ايمان نه رکبو ته هڪڙي وڏي مشڪلات پيدا ٿئي ٿي. اسان ڪيئن مذهبي تعليمات کي سچو ۽ ڪامل سمجهنداسون، جيڪڏهن اهو ويساه نه رکنداسون ته اهي خدا وٽان آيل آهن، پر اسان جهڙن انسانن جون سيکاريل آهن! پوءِ جيڪڏهن انسانن جون سيکاريل سمجهنداسون ۽ انهن جي سچائيءَ ۽ ڪمال ۾ شڪ آڻينداسون، ته انهن تي عمل يا ته ڪنداسون ئي ڪو نه، يا ته رڳو ڪجهه قدر. اسان جي فطرت اهڙي ڀوڙهي آهي جو ان جو ڪامل علم فقط ڏٽي تعاليٰ کي آهي، جو ان جو


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

جوڙيندڙ آهي. تنهنڪري فقط ڏٽي تعاليٰ اسان جي رهنمائي لاءِ ڪامل هدايتون ڏيئي سگهي ٿو. تنهنڪري وحيءَ ۾ ايمان رکڻ بلڪل ضروري آهي.

پڇاڙيءَ ۾ اچون ٿا ٽئين ويساهه تي. اهو هي آهي ته اسان جيڪي عمل هن دنيا ۾ ڪيون ٿا، تن جو جو نتيجو نه رڳو هن دنيا ۾ پوڳيون ٿا پر مرڻ کان پوءِ به پوڳيون ٿا. مرڻ کان پوءِ ڇا ٿو ٿئي ۽ ڪهڙن نمونن ۾ اسان جي عملن جو نتيجو ظاهر ٿيندو، تنهن بنسبت اختلاف راءِ آهي. مگر هن ڳالهه بنسبت اختلاف راءِ تي نٿو سگهي ته اسان جيڪي به ڪيون ٿا، چئون ٿا، بلڪ خيال پچايون ٿا، تن سڀني جا نتيجا آخر ظاهر ٿين ٿا. سائنس موجب سڀ ڪنهن شي کي اثر آهي، سيڪنهن عمل جو نتيجو ٿئي ٿو ۽ سيڪنهن نتيجي کي ڪو نه ڪو سبب آهي. دنيا سببن ۽ نتيجن جو مجموعو آهي. جيڪڏهين اسان چڱا عمل ٿا ڪيون ته نقصان ۽ مصيبتون ٿا ڏسون. سڀني مذهبن اها ڳالهه سيڪاري آهي ته مرڻ کان پوءِ اسان جو روح جيئرو رهي ٿو هن دنيا ۾ ڪيل عملن جا نتيجا پوڳي ٿو.

اهو خيال بلڪل غلط آهي ته مذهب هر هڪ شخص جو خانگي معاملو آهي، جو فقط ساڻس ئي تعلق ٿو رکي. اهو خيال به بلڪل غلط آهي ته فقط روحانيت يا تصوف يا خيال کي طاقت وٺائي، ڪشف ڪرامت ڪرڻ مذهب آهي. حقيقت هيءَ آهي ته مذهب زندگيءَ جا اهي سڀ بنيادي ۽ دائمي سچا اصول ۽ چال چلت جا قانون ٿو سيڪاري، جن تي (اسان کي دنيا جي سڀني ڪمن تي، جو چوويهه ئي ڪلاڪ ڪيون ٿا) عمل ڪرڻو آهي. مذهب ئي سيڪاري ٿو ته گهر ۾ هڪ ٻئي سان ڪهڙي هلت هلجي ۽ ماءُ پيءُ ۽ اولاد جا ڪهڙا فرض آهن. زال مڙس جا هڪ ٻئي تي ڪهڙا حق آهن. پاڙيوارن يا ڏارين سان ڪهڙي روش وٺجي. پنهنجي مذهب وارن سان ڪيئن هلجي. واپار، ڏنڌا ۽ ٻيا دنيوي معاملا ڪهڙن اصولن تي هلائجن. سول ۽ فوجداري قانون ڪهڙي بنياد تي ٻڌڻ گهرجن. شادي، طلاق ۽ ورثو وغيره جا اصول ڪهڙا هئڻ گهرجن. حڪومت جو سرشتو، جنگ ۽ صلح جا قانون، حاڪمن ۽ رعايا جا حق ۽ فرض ڪهڙا هئڻ گهرجن. انهن ۽ ٻين قاعدن جا بنيادي اُصول ۽ قانون، جي دائمي طور سچا هجن، سي فقط ڏٽي تعاليٰ ئي سيکاري سگهي ٿو. حڪومت جو فرض آهي ته زور ۽ زبردستيءَ سان خدائي قانونن کي عمل ۾ آڻائي. مثلن: زنا، جوئا، نشي وغيره بند ڪرڻ جا اپاءَ وٺڻ سرڪار جو ئي فرض آهي، تنهنڪري مان وري به چوان ٿو ته مذهب رڳو شخصي معاملو نه آهي.

جيڪي ڪم خالص ڌرمي ڇيا وڃن ٿا، سي آهن: نماز يا پوڄا، روزا يا ورت، حج يا تيرٿ. نماز يا دعا يا پوڄا دل کي شانتي ڏين ٿا، روح کي شريف ۽ پاڪ ڪن ٿا، نماز ڏٽيءَ جي يادگيري ۽ ڏٽيءَ جيڪي اسان کي فرض سيکاريا آهن، تن جي يادگيري ڏياري ٿي. روزا يا ورت پاڻ تي ضابطو رکڻ سيکارين ٿا ۽ ارادي جي قوت


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڪي زور تا وٺائين. حج يا تيرٿ ڪنهن مقرر جاءِ تي مقرر وقت تي بجا آڻڻ سان اهڙو موقعو ملي ٿو، جنهن تي مفيد ڪانفرنسون ۽ چڱو پروپئگنڊا ڪري سگهجي ٿو. مذهبي، واپاري ۽ سياسي معاملن بنسبت تبادلہ خيالات ۽ تدبيرون ڪري سگهجن ٿيون ۽ تعلقات قائم ڪري سگهجن ٿا. فيلسوف، سائنسدان، عالم، شاعر ۽ تعليمي ماهر مختلف ملڪن جا گڏجي ترقيءَ جا اپاءَ سوچي سگهن ٿا.

سيني اسڪولن ۾، ڏينهن ۾ ڪم از ڪم هڪ پيرو پرارٿنا يا مناجات ڪري سگهجي ٿي. اهڙيون سهٽيون پرارٿنائون رٽي سگهجن ٿيون، جي سيني مذهب وارن لاءِ وٽندڙ ۽ مفيد ٿين، اهي پرارٿنائون بهترين آهن، جن ۾ سڌيءَ طرح يا اڻ سڌيءَ طرح اسان جي روزاني فرضن ۽ جوابدارين جو ذڪر ٿئي.

پيون مذهبي تعليمات يا سڪيائون، جن جو دنيا جي سيني معاملات ۽ امورن سان تعلق آهي سي ايتريون گهٽيون آهن، جو انهن جو بيان هتي آٽي نٿو سگهجي. انهي جو مقصد آهي اسان جي بدني، دماغي، اخلاقي ۽ مادي ترقي.

اوهان مان گهٽائي ضرور چوندا تہ اسڪول ۾ اهڙا نازڪ ۽ خطرناڪ مسئلا ڪيئن سيڪاربا. خصوصن هن حالت ۾ جو شاگرد مختلف مذهبن ۽ فرقن جا آهن. منهنجو جواب هي آهي تہ سڀ مذهب ڪي بنيادي اصول سيڪارين ٿا، جيڪي سيني قومن ۽ سيني زمانن لاءِ سچا ۽ ڪار آمد آهن.

سيني مذهبن جو بنيادي اصول آهي خدا ۽ قدرت جي قانونن جي پيروي ۽ ذات پات جي ڀيد ڪانسواءِ سيني انسانن سان انصاف رحمدلي ۽ خير خواهي. مذهب نہ رڳو بي ريائي، ڪشاده دلي ۽ رواداري جا جذبات ٿو پيدا ڪري، پر گڏجي ڪم ڪرڻ ۽ هڪبئي کي مدد ڪرڻ ۽ هڪ ٻئي سان چڱاين ڪرڻ جومادو پيدا ٿو ڪري. في الجملہ مذهب جو جوهر آهي خدا ۽ خلق سان محبت. جنهن ۾ صورت ۾ علم ۽ ترقيءَ جو بنياد آهي، تنهن صورت ۾ مذهب، علم ۽ هنر سکڻ، ايجادات ڪرڻ ۽ دنيا جي موجودات کان انسان جي ڀلي لاءِ ڪم وٺڻ تي زور ٿو ڏئي.

هاڻي مان ان سوال تي ٿو اچان، تہ گناه جا ڪم ڪهڙا آهن ۽ ثواب جا ڪهڙا؟ جيڪي مٿي چيو اٿم، تنهن مان ئي توهان سمجهيو هوندو تہ اهي سڀ ڪم جن جو آخري نتيجو آهي ترقي ۽ خوشي، سي چڱا ڪم آهن ۽ جن جو آخري نتيجو آهي سجائي ۽ ڏک يا مصيبتون، سي آهن گناه جا ڪم. انهيءَ معنيٰ ۾ هڪڙي پائي اجلائي چڏڻ يا هڪڙو ان جو داڻو ضايع ڪرڻ، سو بہ گناهہ آهي. جائز طور هڪ پائي ڪمائڻ ۽ هڪ ان جو داڻو پيدا ڪرڻ، سو بہ ثواب جو ڪم آهي. هاڻي جڏهن گناهہ جا ڪم اسان کي دکن ۽ مصيبتن ۾ وجهن ٿا، تہ پوءِ گناهہ جا ڪم ڪيون چو ٿا؟ سبب آهي جهل ۽ بيوقوفي. اسان مان ڪي ٿورا اهڙا بيوقوف هوندا جي باه ۾ هٿ وجهندا، چو تہ ڪين يقين آهي تہ باه ۾ هٿ وجهبو، تہ نہ رڳو ايذاءُ ايندو، پر سڙي بہ ويندو. پر


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

اسان، جو ڪوڙ ٿا ڳالهايون يا نڱي ٿا ڪيون يا وعده شڪني ٿا ڪيون يا نشو، زنا، جوا ۽ چوري وغيره ٿا ڪيون، سو رڳو انهيءَ ڪري، جو ان وقت ان مان فائدي يا خوشي جي اُميد ٿا رکون يا ترت فائدو ۽ خوشي حاصل ٿي ٿئي. اسان اهو خيال نٿا ڪيون، ته انهن مان ٻين کي نقصان ٿو رسي ۽ آخر ۾ ٻين کان به پاڻ کي وڌيڪ ٿو نقصان پهچي. اسان کي جيڪڏهن علم ۽ عقل هجي ۽ غور ۽ فڪر کان ڪم وٺون ۽ دنيا ۾ جيڪي ڏسون وائسون ٿا ۽ تاريخ ۾ جيڪي پڙهون ٿا، تنهن تي نظر ڪيون ته اسان کي يقين ٿي وڃي ته چڱن لڇڻن جو نتيجو آهي ترقي، خوشي ۽ آسودگي ۽ بدعملن ۽ بد اخلاقن جو آخر نتيجو آهي سجائي، دک ۽ مصيبتون، بلڪ تباهي ۽ بربادي. فردن خواه قومن اها حقيقيت وساري ڇڏي آهي ته ٻين سان بي انصافي، ظلم ۽ ٻين کي نقصان رسائڻ مان آخر پنهنجي بربادي ٿئي ٿي ۽ ٻين سان چڱائي ڪرڻ سان آخر پنهنجي چڱائي ٿئي ٿي. سڀ مذهب ۽ فيسلوف چئي ويا آهن، ته ”پلو ڪر، ته پلو ٿئي“ ۽ ”جيڪو ٻين لاءِ کڏ ٿو کٽي تنهن ۾ پاڻ ٿو پوي.“ ڪي گناه مثلن اسراف يعني گهڻو ۽ اجايو خرچ ڪرڻ ۽ نشو ڪرڻ، ظاهر ۾ فقط پاڻ لاءِ نقصانڪار آهن پر حقيقت ۾ انهن مان نه رڳو پنهنجي اولاد ۽ آکهه کي پر سڄي ملڪ ۽ قوم بلڪ دنيا کي نقصان ٿو رسي. تنهنڪري سڀ گناهه نه رڳو پاڻ کي، پر ٻين سيني کي نقصان ٿا رسائين ۽ سڀ چڱا ڪم نه رڳو پاڻ کي، پر ٻين سيني کي فائدو ٿا پهچائين. تنهنڪري سيني فردن ۽ قومن جو فرض آهي ته پنهنجي ئي چڱائيءَ لاءِ ڪنهن به خرابيءَ ۽ گناهه کي شروعات ۾ ئي روڪي ڇڏين ۽ اُسرڻ ئي نه ڏين ۽ ٻين کي چڱن عملن ڪرڻ جي تعليم ۽ ترغيب ڏين. ڏسو ته ڪنهن شخص جوا ڪرڻ شروع ڪري ڏني آهي ته اسان سيني جو فرض آهي ته هن جي چڱائيءَ ۽ ٻين جي چڱائيءَ لاءِ هن کي هڪدم روڪيون، نه ته اسان سيني لاءِ خرابيون پيدا ٿينديون. اسان غفلت ڪري خرابين کي وڌڻ ٿا ڏيون. مذهبي تعليم ڏيڻ وقت هن نڪتي تي زور ڏيڻ گهرجي ته گناهه کي سخت نفرت سان ڏسجي ۽ انکي سختيءَ سان روڪجي، مگر گنهگار کي نه ڌڪارجي، اٽلندو متس ارمان ڪائڻ گهرجي ۽ سندس ئي چڱائي لاءِ هن کي سڌارڻ گهرجي. هن کي سڌارڻ لاءِ پهريائين نرم اپاءَ وٺجن پر جي اهي ڪارگر نه ٿين ته پوءِ لاچار سخت اپاءَ به وٺجن. بائبل ۾ آهي ته حضرت عيسيٰ ﷺ فرمايو آهي ته ”پنهنجي دشمن کي به پيار ڪريو.“ مان ته چوان ٿو ته دشمن به ڪنهن کي چو سمجهڻ گهرجي؟ جيڪڏهن ڪو به شخص مون سان بي انصافي يا ظلم ٿو ڪري، ته حقيقت ۾ پاڻ سان ٿو ظلم ڪري ۽ پاڻ ئي مصيبتن ۾ پوندو. تنهن ڪري مون کي متس افسوس ۽ رحم ڪرڻ گهرجي ۽ کيس سڌارڻ لاءِ هر قسم جا حيلا هلائڻ گهرجن.

گناهن ۽ چڱن ڪمن جي لسٽ ڏيڻ توهان کي ٻاراڻي ڳالهه لڳندي ۽ شايد ورچائيندي، پر مذهب جي حقيقت بيان ڪرڻي هجي ۽ گناهه ۽ ثواب جا ڪم نه


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

ٻڌائجن، تہ پوءِ بيان اڻپورو رهجي ويندو. تنهنڪري مجبورن مون کي لسٽ ڏيڻي پوي ٿي:

1) ڪوڙ، ٺڳي، بي ايماني، انجام ۽ عهد ناماں پيڄڻ، منافقي ۽ سياسي چالبازي.
2) فاحش ۽ بيشرميءَ جي گفتگو، زنا ۽ ٻيون اهڙيون ٻچڙايون، جوا ۽ نشو.
3) چوري، ڦر، پرائو مال ڦٻائڻ، وياج-خوري، ظلم ۽ خونريزي.
4) گاريون ڏيڻ، بي عزتي ڪرڻ، جهيڙو ڪرڻ، وڙهڻ، ٻئي جا جذبات يا دل ڏکوئڻ.
5) چيڙائڻ، بدناموسي ڪرڻ، گلا غيبت ڪرڻ ۽ ٻين جي ڪمن جي جاسوسي ڪرڻ.
6) سستي، گهڻو ۽ اجايو خرچ ڪرڻ ۽ پنڻ.
7) پئسي خاطر، رشوتخوري ۽ بي ايمانيءَ سان نوڪري ڏيڻ.

جهل يعني اڻڄاڻائي انهن سڀني گناهن جو بنياد آهي.

چڱا ڪم جن جو بنياد آهي علم ۽ عقل سي آهن:

(1) محبت، سچائي، فراخدلي، مهربان رهڻ، رحم ڪرڻ، ٻئي کي عزت ڏيڻ، حياءُ لڄ، خراب ڪمن ۽ گناهن لاءِ نفرت ۽ ڌڪار، اورچائي، سخاوت، سڀني ڪمن ۾ اعتدال وارو درميانو رستو اختيار ڪرڻ، سڀ خلق لاءِ پيار ۽ همدردي، تقصير معاف ڪرڻ، ايمانداري، صلح پسندي، همت، شجاعت ۽ مردانگي، محنتي ٿيڻ ۽ وقت جي پابنديءَ سان روزانو ڪم ڪرڻ، سادگي، ڪفايت شعاري ۽ صفائي.

اها ڳالهہ ياد رکڻ گهرجي تہ انهن ڳڻن جي استعمال ۾ عقل کان ڪم وٺجي ۽ مناسب حالتون ويچار هيٺ آڻجن. نہ تہ چڱي ۾ چڱو ڳڻ بہ وڏو گناهہ ٿيو پوي. مثلن دائمي چور ۽ ڳنڍيچوڙ جو ڪنهن بہ حيلي سان نٿو سڌري، تنهن تي رحم ڪرڻ آهي ٻين سڀني تي ظلم ڪرڻ. اهڙي ماڻهوءَ کي خيرات ڏيڻ، جو طاقت وارو آهي ۽ ڪمائي سگهي ٿو يا گهر ۾ گهڻو ڪجهہ اٿس يا جوا ۽ نشو وغيره ڪندڙ آهي، ثواب جو ڪم نہ آهي، پر اٽلندو گناهہ جو ڪم آهي.

مون کي خبر آهي تہ ڪن گناهن ۽ ثوابن جي ڪمن بنسبت راءِ جو اختلاف آهي. مثلن اهڙا بہ گهڻا آهن، جي شراب، وياج خوري ۽ جوا کي گناهہ نٿا سمجهن.

بلڪل مختصر طور ٻڌايو اٿم تہ مذهب ڇا آهي يا ڇا هئڻ گهرجي. هاڻي اچان ٿو بلڪل مشڪل سوال تي، اسڪولن ۾ مذهبي تعليم ڪيئن جاري ڪجي. اها ڳالهہ ظاهر آهي تہ مختلف مذهبن ۾ نماز، روزن، حج، سخاوت وغيره جا طريقا جدا جدا آهن. شادي، طلاق، ورثو ۽ ڪائڻ پيڻ جا قانون بہ جدا جدا آهن. تنهنڪري ضروري آهي تہ هر هڪ مذهب وارن لاءِ مذهبي تعليم جو بندوبست جدا جدا ڪجي. انهيءَ تي ٻہ اعتراض اٿي سگهن ٿا. (1) جدائي، بي اتفاقي ۽ دشمني پيدا ٿئي ٿي. (2) جدا جدا بندوبست رکڻ مشڪل بلڪ ڪن حالتن ۾ محال آهي.

پهرين اعتراض بنسبت مون اڳيئي چيو آهي تہ سڀ ڪنهن مذهب جو بنيادي



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

اصول هئڻ گهرجي، سيني انسانن لاءِ محبت ۽ همدردي. جيڪڏهن انهيءَ اصول تي سچي مذهبي تعليم ٻڌل هجي ته پوءِ دشمني پيدا ٿيڻ جو امڪان ئي ڪونهي. پوئين اعتراض بہ نسبت منهنجي رٿ هيءَ آهي ته هر هڪ مذهب جا وڏا عالم پنهنجي پنهنجي مذهب جي شاگردن لاءِ سليس مذهبي درجيوار ڪتاب تيار ڪن ۽ جناب ڊائريڪٽر صاحب ڏانهن ڏياري موڪلين ته هو صاحب مختلف مذهب جي ميمبرن جي مدد ۽ صلاح سان ڏسي ته انهن ڪتابن ۾ ڪابہ اهڙي ڳالھ ته ڪانهي، جا ٻين مذهبن وارن لاءِ اعتراض جوڳي هجي. جڏهن اُهي ڪتاب درستين بعد آخرين طور سيني ڪي قبول پون، تڏهن بنا ڪنهن خطري جي اسان جا رواجي ماستر اُهي ڪتاب اسڪولن ۾ پاڙهي سگهن ٿا. رٿ هيءَ آهي، ته جتي جتي ٿي سگهي اتي ته يا ٽي پيرڊ هفتي ۾ هر هڪ ڪلاس لاءِ يا ٻن ٽن ڪلاسن لاءِ گڏ مذهبي تعليم لاءِ مقرر ڪجن. انهن پيرڊن ۾ هندو ماستر هندو شاگردن کي ۽ مسلمان ماستر مسلمان شاگردن کي، جدا جدا ڪمرن ۾ وٺي وڃي اُهي ڪتاب سيکارين. وڌيڪ خاطريءَ لاءِ ماسترن کي سخت تاڪيد ڪجي ته انهن ڪتابن کان ٻاهر پنهنجون ڳالهيون ۽ پنهنجا خيال نہ سيکارين. جتي اهڙو بندوبست نہ ٿي سگهي، اُتي فقط اهي مذهبي اُصول ۽ چال چلت جا قانون سيکارجن، جي سيني مذهبن وارن وٽ مقبول ۽ پسند هجن. انهيءَ لاءِ بہ درجيوار ڪتاب تيار ڪجن، جي جناب ڊائريڪٽر صاحب ڏانهن منظوريءَ لاءِ موڪلجن. هندو، مسلمان، ڪرستان، پارسي وغيره اهڙا ڪتاب پنهنجي عقل موجب انهيءَ خيال سان لکن ته انهن ڳالهين تي ٻين مذهب وارن جو ڪو بہ اعتراض اُتي نہ سگهي. پوءِ اهي مصنف هڪ ٻئي جا لکيل ڪتاب پڙهي ڏسن ۽ جدا پني تي نوٽ ۽ ريمارڪ ڪن. پوءِ پاڻ ۾ گڏجي بحث مباحثي بعد درستيون ڪري، هڪڙو ئي سلسلو ڪتابن جو تيار ڪن، جو سيني مذهب جي شاگردن لاءِ ڪارائتو سمجهي سگهجي. هيءُ هڪڙو بلڪل نئون ۽ دلچسپ تجربو ٿيندو. مان پاڻ اهڙن ڪتابن لکڻ لاءِ تيار آهيان، جي فقط مسلمانن لاءِ ڪارائتا ٿين ۽ پڻ اهڙا ڪتاب ناهڻ لاءِ تيار آهيان،جي سيني مذهبن جي شاگردن لاءِ ڪارائتا هجن.

هيءَ ڳالھ ياد رکڻ گهرجي ته انسان جي فطرت (Human nature) سچي دنيا ۾ سيني زمانن ۾ ساڳي رهي آهي ۽ رهندي. سچي دنيا جي سيني ماڻهن کي شيڪسپيئر جون تصنيفون وڻن ٿيون ۽ قيامت تائين وڻنديون رهنديون، چو ته هن انساني فطرت جو صحيح نقشو ۽ نقش ڪڍيو ۽ چٽبو آهي. جهڙيءَ طرح انساني فطرت سيڪنهن هنڌ ساڳي آهي، تهڙيءَ طرح حق يا سچ سيني ماڻهن لاءِ سيني زمانن ۾ ساڳيو ئي رهيو آهي. تنهنڪري دنيا جي سيني ماڻهن لاءِ، پوءِ ڪهڙي بہ مذهب جا هجن، پر انهن لاءِ ساڳيا مذهبي ڪتاب تيار ڪرڻ محال بلڪل ناهي. اهو هڪڙو اهڙو عاليشان مقصد آهي، جنهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيتري بہ تڪليف


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ونجي، سا تو ري آهي.

هيءَ ڳالهه به ياد رکڻ گهرجي ته سچي مذهبي تعليم، جا علم ۽ عقل موافق هجي، تنهن جي نه هئڻ جي حالت ۾عام ماڻهن ۾ نقصانڪار پرم، سنسا ۽ تباهه ڪندڙ رسمون رائج ٿي ويون آهن، جي نه رڳو ترقيءَ جي آڏو اچن ٿيون، پر ماڻهن جي اخلاقي، دماغي ۽ مالي حالت خراب ڪن ٿيون. تنهنڪري نهايت ئي ضروري ڳالهه آهي ته سيني ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي صحيح مذهبي تعليم ڏجي.

آخر ۾ اچو ته سيئي گڏجي خدا ڪان دعا گهرون، ته دنيا جون سڀ قومون آزاديءَ ۽ صلح جي وايو منڊل ۾ سڌارو ۽ ترقي ڪن، دعا گهرون ته بي انصافي ۽ ظلم دنيا جي سطح تان هميشه لاءِ دفع ٿي وڃن ۽ اسان سييئي دنيا ۾ امن امان، آرام، صلح، محبت ۽ همدرديءَ سان رهون ۽ پنهنجا پنهنجا فرض بجا آڻيون. آمين

*(پهرين تعليمي ڪانفرنس منعقد 1 جنوري 1942ع جي موقعي تي ڪيل تقرير)*


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# خيرات لاءِ قرآن پاڪ جو ارشاد

## (سورة بقره: رڪوع 37)

آيت 1- اي ايمان وارو جيڪي (محنت مزدوري يا واپار سان ڪمايو هجيو توهان ان مان خرچ ڪيو يا جيڪي اسان توهان جي لاءِ زمين مان پيدا ڪيون ٿا ان مان ڪڍو، کهڙي بہ صورت هجي، پر گهرجي تہ خدا جي راهہ ۾ جيڪو خيرات ڪيو ائين نہ ڪيو جو فصل جي پيداوار مان ڪنهن شيءَ ڪي ردي ۽ خراب ڏسي خيرات ڪيو (تہ اجايو چو وجي خدا جي نالي تي نيڪال ڪري ڇڏيون) حالانڪ جيڪڏهن اهڙي ئي شيءَ اوهان کي ڏني وجي تہ توهان ڪڏهن بہ ان کي (خوشي سان نہ وٺو مگر هئڻ جو جاڻي ٻجهي) اکيون ڪٽي ٻوٽيو (پوءِ جا شيءِ پنهنجي نفس واسطي پسند نٿا ڪيو سا پنهنجي محتاج ڀائرن کي ڏيڻ ڪيئن ٿا پسند ڪيو) ياد رکو تہ الله جي ذات بي نياز ۽ سيني چڱين صفتن سان موصوف آهي (هن کي توهان جي ڪنهن بہ شيءَ جو احتياج ڪونهي مگر توهان پنهنجعي سعادت ۽ ڇوٽڪاري جي لاءِ خير جي عمل جا محتاج آهيو).

آيت 2- شيطان اوهان کي سچائي کان ڊيڄاري ٿو، ۽ برائين ڪرڻ جو حرص ٿو ڏياري، مگر الله تعاليٰ اوهان کي اهڙي راهہ طرف دعوت ٿو ڏئي جنهن ۾ ان جي مغفرت ۽ فضل ۽ ڪرم جو وعدو آهي (پوءِ شيطاني وسوسن تي عمل نہ ڪيو پر الله تعاليٰ جي ڏيکاريل وات اختيار ڪريو) ۽ ياد رکو الله تعاليٰ وسعت رکڻ وارو ۽ سڀ ڪجھ ڄاڻڻ وارو آهي.

نوٽ- هن ۾ اهائي حڪمت رکيل آهي جا مٿي مون بيان ڪئي آهي تہ سخاوت جو اجورو سو ڀيرا وڌيڪ ٿو ملي. ٽين آيت ۾ انهي ئي ڳالھ کي حڪمت يادانائي سڏيو ويو آهي. جيئن تہ الله تعاليٰ ٿو فرمائي تہ

آيت 3- هو (الله تعاليٰ) جنهن کي چاهي ٿو تن کي حڪمت ڏئي ڏئي ٿو ۽ جنهن کي حڪمت ملي ويئي تہ يقين ڪيو تہ هن وڏي ڀلائي حاصل ڪئي. فقط اهي ماڻهو نصيحت حاصل ڪن ٿا جي عقل بصيرت وارا آهن.



سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

نوٽ- هن آيت ۾ حڪمت عقل ۽ بصيرت کي هڪ وڏي ضروري نعمت سمجهيو ويو آهي.

آيت 4- ۽ ڏسو خيرات جي قسم مان جيڪي ڪجھ خرچ ڪيو يا خدا جي نذر باسڻ ۾ جيڪي ڪجھ نذر باسيو ته هي ڳالھ ياد رکو ته الله تعاليٰ جي علم کان لڪل ناهي (هو سڀ ڪجھ ڄاڻي ٿو ۽ سڀ ڪجھ ڏسي ٿو، تنهن ڪري جو پنهنجو نذر ادا نه ڪندو ۽ ناجائز طريقي تي ڪاربند ٿيندو ته ان جي راه گنهگاري جي راھ هوندي) ۽ جي ظالم آهن تن کي (خدا جي مواخذه کان بچائڻ ۾) ڪوئي مددگار نه ملندو.

آيت 5- جيڪڏهن توهان (سواءِ هن جي جو دل ۾ ڏيکاري جي خواهش هجيو) ظاهر ظهور کلي طرح خيرات ڪيو ته به اها چڱي ڳالھ آهي (پر) جيڪڏهن لڪل رکو ۽ محتاجن کي ڏيو ته ان ۾ توهان جي لاءِ بهتري آهي. هي توهان جي گناهن کي توهان کان دور ڪري ڇڏيندي ۽ ياد رکو ته توهان جيڪي به ڪيو ٿا سو خدا جي علم کان لڪل ڪونهي هو هر ڪنهن ڳالھ جي خبر رکندڙ آهي.

نوٽ- خدا تعاليٰ هرويرو ائين نٿو فرمائي ته ظاهر ظهور خيرات نه ڪيو ۽ هميشه لڪائي ڪيو. مطلب هي آهي ته ماڻهن کي ڏيکارڻ جي نيت سان خيرات نه ڪيو پر دل جي خلوص سان خيرات ڪيو. خيرات ڪرڻ خدا پرستي جو قدرتي نتيجو آهي. ان ۾ نڪي ڪنهن تي احسان ڪرڻو آهي نڪي ڪنهن مان تعريف ۽ شڪريه جي اميد رکڻي آهي.

آيت 6- اي پيغمبر! توهان تي هن ڳالھ جي ذميداري ناهي ته ماڻهو هرويرو هدايت قبول ڪري وٺن (توهان جو ڪم فقط راھ ڏيکاري ڇڏڻ آهي) هي ڪم الله جو آهي جو جنهن کي چاهي تنهن کي سنئين راھ تي آڻي. (پوءِ توهان ماڻهن کي چئي ڏيو ته) ڪجھ به توهان خيرات ڪندو ته (ان جو فائدو مونکي ڪجھ نه ملندو ۽ نه ڪنهن ٻئي تي ان جو احسان ٿيندو) خود پنهنجي فائدي لاءِ ڪندؤ. ۽ اوهان جو خرچ ڪرڻ انهي ئي غرض لاءِ آهي ته الله تعاليٰ جي راضپي جي طلب ڪيو ۽ راضپو حاصل ڪيو (سو جيڪڏهن الله تي سچو ايمان ٿا رکو ته ممڪن ناهي ته ان جي راه ۾ خرچ ڪرڻ کان اوهان جو هٿ رڪجي پوي) ۽ (پوءِ هي ڳالھ به ياد رکو ته) ته ان جو بدلو پوري طرح اوهان کي ڏيئي ڇڏيندو اوهان تي ظلم ڪونه ڪيو ويندو (يعني توهان جي حق تلفي ڪانه ٿيندي. الله جي بدلي واري بخشش ۽ ماپ تور ۽ ڪڏهن به گهٽ وڌ يا غفلت ٿي نٿي سگهي.

## خيرات جا حقدار

آيت 7- خيرات انهن حاجتمندن جو حق آهي جي (دنيا جي ڪمن ڌنڌن کان الڳ رهي) الله جي راھ ۾ گهير جي ويهي رهيا آهن. (يعني فقط انهيءَ ڪم لاءِ رهجي پيا


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

آهن) انهن کي اها طاقت ناهي جو (گذران جي طلب ۾ ) نڪرن ۽ ڏک ڏوڙڪن ۽ مسڪيني ۽ تنگدستي هوندي بہ هنن جي بي طمعي ۽ خودداري جو هي حال آهي جو ناواقف آدمي ڏسي تہ خيال ڪري تہ هنن کي ڪنهن بہ طرح جو احتياج ڪونهي. توهان هنن جو چهرو ڏسي هن جي حالت ڄاڻي سگهو ٿا مگر هو ماڻهن جي پٺيان لڳي ڪڏهن بہ سوال نٿا ڪن ۽ (ياد رکو) توهان جيڪي خدا جي راهہ ۾ خرچ ڪندو تہ الله ان کي ڄاڻي ٿو.

نوٽ- خيرات جو هڪ ضروري مصرف اهڙو هو جنهن جي طرف ظاهري اکين جو ڌيان ڇڪجي ئي نٿي سگهيو يعني انهن ماڻهن جي مدد ڪرڻ جيڪي دنيا جا ڪم ڌنڌا ڇڏي حق جي راهہ ۾ خدمت ڪرڻ لاءِ وقف ٿي ويا آهن يعني اسلام سکڻ سيکارڻ ۽ تبليغ ڪرڻ ۾ (نہ تسبيح سورڻ ۽ وظيفن پڙهڻ) نہ انهن کي تجارت ڪرڻ جي طاقت آهي نہ ڪوئي ٻيو گذران جو وسيلو اٿن. رات ڏينهن دين ۽ ملت جي خدمت ۾ مشغول ٿا رهن. انهن جي حالت حاجتمندن واري آهي. مگر صورت بي پرواهن واري. جيئن تہ اهڙن چڱن شخصن جي سنڀال لهڻ جماعت جو ضروري فرض هو تنهنڪري خصوصيت سان ان طرف توجہ ڏياريو ويو آهي.

ماڻهو عام طرح انهن ئي ماڻهن کي خيرات جو حقدار سمجهندا آهن جي پنڻ ۾ چست ۽ چالاڪ هوندا آهن. مگر ڪنهن خود دار حاجتمندن کي ڪو پڇي بہ ڪونہ. حالانڪ سڀ کان وڌيڪ حقدار اهي ئي ماڻهو آهن.

ضمناً هن ڳالھ ڏي بہ اشارو ڪيو ويو آهي تہ جهڙي طرح ڏيڻ وارن کي گهرجي تہ محتاجن کي ڳولي ازخود خيرات ڏين، اهڙيءَ طرح وٺڻ وارن کي بہ گهرجي تہ سوال ڪري پنهنجي عزت ۽ خوداري کي خراب نہ ڪن. هنن جو شان اهو هئڻ گهرجي تہ بي نياز رهن، ۽ ماڻهن جو فرض هي هئڻ گهرجي تہ هنن جي مدد ڪن.

مطلب تہ پنڻ جو رواج اصل نہ هئڻ گهرجي. جيڪي شخص ڪمائي ڪرڻ باوجود بہ يا ڪم نہ ملڻ ڪري ڪنهن وقت محتاج ٿي پون تہ پاڙيوارن جو فرض آهي تہ هنن کي گهر ويٺي گهرج مهل ڪاڏو پيتو يا لٽو ڪپڙو ڏين.

جيڪڏهن ڪي عالم تبليغ جي ڪم ۾ مشغول رهڻ ڪري يا علم سکڻ ۽ سيکارڻ ۾ مشغول رهڻ ڪري محتاج ٿي پون تہ بہ جماعت جو فرض آهي تہ گهرڻ کان سواءِ هنن جي مدد ڪن.

خيرات جا حقدار ڪير آهن ۽ ڪهڙيون خيراتون وڌيڪ مفيد آهن ۽ ڪير قوم کي ترقي ڪرائيندڙ آهن تنهن لاءِ ايندڙ مضمون جو انتظار ڪيو جنهن ۾ سورة بقر جي مشهور آيت ”ليس البر“ واري جو ترجمو وغيره ڏنو ويندو.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

## خيرات ۽ قرآن جو ختم

سورة بقر رڪوع 22 جي پهرين آيت جا شهره آفاق آهي

هن آيت جي ترجمي ڏيڻ وقت جيڪو نوٽ مولانا ابوالڪلام آزاد هنيو آهي سوهت ڏجي ٿو:

حق جي دين جي هن عظيم اصول جو اعلان ته سعادت ۽ نجات جي راهه اها ناهي ته عبادت جي ڪا خاص شڪل يا ڪائڻ پئڻ جي ڪا ٻي ڳالهه اختيار ڪئي وڃي. بلڪ اها (سعادت ۽ نجات) سچي خدا پرستي ۽ نيڪ عملي جي زندگي سان حاصل ٿئي ٿي. ۽ اصل شي پاڪائي ۽ عملن جي چڱائي آهي. شريعت جا ظاهري حڪم ۽ رسمون به انهي ئي لاءِ آهن ته اهو مقصد حاصل ٿئي.

قرآن شريف جي نازل ٿيڻ وقت دنيا جي عالمگير مذهبي گمراهي اها هئي جو ماڻهو سمجهندا هئا ته دين جو مقصد فقط شريعت جون ظاهري ڳالهيون ۽ رسمون آهن ۽ انهن جي ڪرڻ ۽ نه ڪرڻ تي انسان جي نجات ۽ سعادت موقوف آهن. مگر قرآن شريف فرمائي ٿو ته اصل دين خدا پرستي ۽ نيڪ عملي آهي ۽ شريعت جون ظاهري رسمون ۽ عمل به انهيءَ لاءِ آهن ته اهو مقصد حاصل ٿئي تنهنڪري جيتري قدر دين جو تعلق آهي. سچي طلب مقصدن جي هئڻ گهرجي نه وسيلن جي.

آيت جو ترجمو: نيڪي ۽ ڀلائي (جي لاءِ) هي ناهي ته توهان (نماز جي وقت) پنهنجو منهن اوڀر ڏي ڦرايو (يا اهڙي طرح جي ڪا ٻي ڳالهه ظاهري ۽ رسمن جي ڪري وٺو) نيڪيءَ جي راهه ته انهن ماڻهن جي آهي جي الله تي، آخرت جي ڏينهن تي، ملائڪن تي، آسماني ڪتابن تي ۽ خدا جي سڀني نبين تي ايمان ٿا آڻين ۽ خدا جي راهه ۾ پنهنجو مال مائٽن، يتمين، مسڪينن، مسافرن ۽ سائلن کي ٿا ڏين. نماز قائم ٿا ڪن، زڪوات ادا ٿا ڪن. پنهنجو وعدو يا ڪو عهد اقرار ڪري ٿا وٺن ان کي پورو ڪندا ٿا رهن. تنگي يا مصيبت جي گهڙي هجي يا خوف ۽ هراس جو وقت هجي مگر هر حال ۾ صبر ڪرڻ وارا (۽ پنهنجي راهه ۾ ثابت قدم) هوندا آهن.

هي آيت شريف غير مسلمانن خصوصاً يورپي ماڻهن کي به ڏاڍي پسند آهي. مگر مان هتي ان جون خوبيون ۽ فلسفو ڪون ٿو ڏيان. سلسلي مان ڏسندو ته منهنجو اصل مضمون آهي خدا جي راهه ۾ خرچ ڪرڻ . ۽ هاڻي مون کي ڏيکارڻو آهي ته خيرات جا حقدار ڪير آهن ۽ ڪهڙي خيرات سڀني کان چڱي آهي. هڪڙي ڳالهه هرگز وسارڻ نه گهرجي ته سڀ ڪنهن ڪم ۾ علم، عقل، غور ۽ تدبر ڪم آڻڻ گهرجي. متئين آيت جو اهو مطلب ناهي ته مائٽن ۽ يتمين ۽ سائلن ۽ مسافرن کي هر حال ۾ خيرات ڏجي اگرچه هو شاهوڪار هجن. مطلب هي آهي ته مائٽ، يتيم ۽ مسافر مسڪين ۽ محتاج هجن ته اول انهن جي مدد ڪجي پوءِ ٻين مسڪينن ۽ محتاجن جي. ٻين ۾ به اول پاڙيوارن جي همدردي ۽ مدد ڪجي پوءِ ٻين جي. سائلن ۽


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

مسافرن بہ نسبت هي معلومات حاصل ڪرڻ گهرجي تہ سائل خاص پنهنجو ڏنتو اختيار ڪيو آهي يا سچ پچ اتفاقا محتاج ٿي پيو آهي ۽ مدد جو مستحق آهي. جيڪڏهن هو حتي الامڪان ڪمائي ڪندڙ آهي تنهن هوندي بہ اتفاقا محتاج ٿي پيو آهي تہ پوءِ ان کي گهرج آهر ڏيڻ گهرجي نہ تہ نہ. اهڙا مثال حديثن مان گهٽائي ليندا. پر ديگهہ سبب هت ڏيئي نٿا سگهجن.

ناظرين منتظر هوندا تہ پلا جيڪڏهن ائين آهي تہ پوءِ سخي دولتمند ڪيئن پنهنجي دولت خرچ ڪن. منهنجو جواب آهي تہ دولت اهڙي طرح خرچ ڪجي جو قوم جي ترقي ٿئي. سڀ ڪان وڏيڪ ضرورت آهي مدرسن ڪاليجن هنري اسڪولن جي. جيڪڏهن ڪنهن بہ سخي مرد کي دولت آهي تہ مدرسا ڪاليج ۽ هنري اسڪول کولائي يا انهن کي مدد ڏئي. ڪنهن بہ شخص يا شخصن کي طب يا ٻيو هنر سيکاري چڱي روزگار ڪمائڻ جو لائق ڪجي تہ هي بہ هڪ اعليٰ قسم جي سخاوت آهي. ڪنهن مسڪين هاري کي هرقار ۽ ڏانديا ڳئون وٺي ڏيڻ نهايت عمدو ڪم آهي. کوه کوٽائڻ، نل هٽائڻ، خيراتي اسپتالون جاري ڪرڻ، معلمن ۽ طالب علمن جي ۽ تبليغ ڪندڙن جي مدد ڪرڻ وغيره اهي بہ سخي مردن لاءِ تمام چڱا ڪم آهن. اخبارن ۽ رسالن کي مدد ڪرڻ بہ نهايت چڱو ڪم آهي. پر رڳو پنهنجي فائدي لاءِ ڪارخانا جاري ڪرڻ يا ميون جا باغ پوکائڻ وغيره بہ قومي ترقي جا ڪم آهن جو تہ ان ۾ پنهنجو بہ فائدو آهي ۽ ٻين کي بہ چڱو ڏنتو ملي ٿو پوي پر سڀ ڪان چڱي سخاوت آهي پنهنجي ملڪيت جو ڪجهہ حصو ڪنهن چڱي ڪم لاءِ دائمي طور وقف ڪري ڇڏڻ جيئن اهو چڱو ڪم قيامت تائين ٿيندو رهي. جهاد لاءِ پيسا ڏيڻ ۾ تمام وڏو ثواب آهي.

زڪوات جنهن جو حڪم هميشہ نماز جي حڪم سان گڏ بيٺو آهي سا خيرات ڪان بلڪل الڳ آهي. زڪوات ڪنهن تي فرض آهي ۽ ڪيئن خرچ ڪبي آهي سو سڀ ڪجهہ مقرر ڪيل آهي. هت فقط هيترو لکان ٿو تہ زڪوات هڪ سرڪاري عملدار اوڳاڙين ٿا ۽ بيت المال ۾ گڏ ڪن ٿا جنهن مان مقرر ڪمن لاءِ يعني اسلام جي تبليغ، مسڪينن ۽ محتاجن جي مدد ۽ قيدين ۽ غلامن جي آزادي لاءِ خرچ ڪيو وڃي ٿو.

اسان جي ملڪ ۾ اسلامي سرڪار ڪانهي تنهن ڪري اهو فرض ليڊرن جو آهي تہ تنظيم ڪري جماعتون زڪوات اڳاڙي بيت المال ٺاهين ۽ مقرر نمونن موجب خرچ ڪن. جيستائين ڳوٺ ڳوٺ يا محلي محلي جا ماڻهو گڏجي جماعت ٺاهي اهو ڪم ڪن. اسلام اتحادي ۽ جماعتي مذهب آهي. اتحاد ۽ جماعت ڪانسواءِ اسلام جو رڳو نالو آهي. مان اميد ٿو ڪريان تہ هي ڪم هڪدم شروع ڪيو ويندو. ارمان هي آهي تہ اڄ ڪلهہ اهڙا مسلمان ورلي آهن جن تي زڪوات فرض آهي پر بيت المال کي معمور


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڪرڻ لاءِ هڪڙي رٿ آهي جا ڏاڍي سولي آهي. اها هي آهي ته هر هڪ گهر جو مالڪ هر روز هڪ لپ ان ڪڍي ڌار رکندو وڃي ۽ مهيني ۾ اهو ان ڪڍي جماعت جي حوالي بيت المال ۾ جمع ڪري ۽ ڪو شخص ان جي بدارن پائي پائي هر روز يا پيسو پيسو يا وڏيڪ حساب ڪري مهيني جي رقم بيت المال ۾ جمع ڪري ته پاڻ بهتر.

## عشق

عشق اهڙي سخت آگ آهي، جو خدا کان سواءِ سيني شين کي جلائي ٿو!

حقيقي عشق لاءِ ظاهري ۽ مجازي عشق جو هئڻ ضروري آهي. ڏسڻ ۾ ته ايئن پيو اچي ته هر هڪ شخص عشق جو مدعي آهي ۽ چوي پيو ته ”مان هن تي عاشق آهيان! منهنجي هن سان محبت آهي!!“

مگر نيهن لڳائڻ ۽ ان تي قائم رهڻ نهايت مشڪل آهي. ان ۾ هزارين تڪليفن جو مقابلو ڪرڻو پوي ٿو. لکين مصيبتون سهڻيون پون ٿيون.

مجازي عشق کان حقيقي عشق جي طرف راغب ٿيڻ وڏو ڪمال آهي. جو هن رستي جي خوفن خطرن مان لنگهي پار پيو، سو ساري عمر خوشي ۽ خور مي ۾ بسر ڪندو!

ڪٿي ته مجنون ليليٰ جي پينيان ڦري ٿو ۽ تنارعنه خلافت امام حسن ۽ امير معاويه ۾ منصف مقرر ڪيو وڃي ٿو ته جواب ۾ خلاف جو مستحق ليليٰ کي ڪري ٿو! ڪڏهن ڪتي جا پير چمي ٿو انهي لاءِ ته هيءَ ليليٰ جي گهٽين ۾ ڪڏهن ڪڏهن ويو تي.

ڪٿي ته ليليٰ مجنون جي پنيان ڦري ٿي! صرف هن واسطي ته مجنون مثس عاشق هو.

مهرباني پائي ليليٰ ڪرد مجنون را خراب

ور نه اين بيچاره را ميل وفاداري ثبوت عشق اول در دل معشوق پيدا ميشود گ نه سورد شمع کي پروانه شيدا ميشود! ۽ خليف سان بات ڪندي ليليٰ مجنون کي مٿس ترجيح ڏئي تي. مولانا روم ان واقعي کي حڪايت جي عنوان سان بيان ڪري ٿو.

## مثنوي

گفت ليليٰ را خليفه کان توئي کز تون مجنون شد پريشان وغوي از دگرد خويان نو افزون نيستي ديده مجنون نيستي ديده مجنون اگر بودي ترا هرد وعالم بي خطري بودي ترا!

ڪٿي شيرين جي وصال جي خاطر فرهاد پهاڙ ڪاٽي ٿو!


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

هڪ فقير شهزاديءَ تي عاشق ٿي، ازخود محلات جي سامهون موقعي جو منتظر رهيو! دربان جي غفلت سبب اندر داخل ٿيو. دربان کي جڏهن خبر پئي تڏهن سندس پٺيان ڊوڙيو ۽ تلوار سان سر ڌڙ کان ڌارڪري ڇڏيائينس سندس خون زمين تي ڪري هيٺيون بيت لکيو:

گر يار من پيار بند وين مرده بدوسيار گر بوسہ دهد پر نيانم ور.

بادشاهه تعجب ۾ پئي مصرع پڙهي، شاعرن کي رهيل مصرع پوري ڪرڻ جو حڪم ڏنو. شاعرن جواب ڏنو تہ جهان پناهه! اها بات اسان جي ذهن نشين نٿي ٿئي، سندس مطلب اسان جي سمجهه کان ٻاهر آهي! آخر شيخ سعدي رحمة الله عليه کي گهرايو ويو ۽ کيس شعر جي پورائي لاءِ چيو ويو. هن هڪ عجيب طرح سان مصرع پوري ڪئي! شهزادي کي گهرايو ويو ۽ کيس چيو ويو تہ هن جي منهن تي بوسو ڏئي! جڏهن ائين ڪيو تڏهن شيخ سعديءَ هي مصرع پڙهي:

عاشق اتي ڪڙو ٿيو ۽ هي بيت پڙهيندي
ور زنده شوم عجب مداريد!
عالم مات مان عالم حيات ۾ اچي پهتو!


www.sindhsalamat.com
سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# پيغمبر اسلام جي حياتي تي غور ڪريو ته اسلام جي سچائي معلوم ٿئي

اسلام جي سچائي جا وڏا ثبوت آهن هڪ قرآن شريف ۽ رسول الله ﷺ جي زندگي جا حالات. رسول ﷺ جي حالات جي هڪ يگاني خصوصيت هي آهي ته دنيا ۾ ٻئي ڪنهن به انسان جا حالات ايتري قدر تحقيات ۽ صحت سان درج ڪيل نه آهن جيتري قدر رسول الله ﷺ جا. رسول الله ﷺ جي خوبين جي شاهدي خود انهن مخالفن جي به موجود آهي جن ساڻن ظلم ڪيا. جن ڪين شهيد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ جن پوءِ ساڻن ناحق جنگيون جو ٽيون. جڏهن قيصر روم حضرت جن جي سخت ۾ سخت دشمن ابوسفيان کان حضرت جن به نسبت ڪي سوال ڪيا ۽ ابوسفيان کي ڪن مجبورين سببان سچا جواب ڏيڻا پيا تڏهن قيصر روم بي اختيار چئي ڏنو ته بيشڪ هو سچو نبي آهي. هڪ سوال هي هو ته ڪڏهن هن ڪوڙ به ڳالهايو آهي؟ جواب نه. تنهن تي قيصر روم چيو ته جنهن شخص ڪنهن دنيائي ڳالهه تي ئي ڪوڙ نه هنيون سو الله تعاليٰ تي ڪيئن ڪوڙهڻندو. ٻيو سوال هي هو ته ڪڏهن ڪو وعدو يا عهدنامون ڀڳو اٿس؟ جواب نه. تنهن تي قيصر روم چيو ته اهي ڪم ڪوڙ هڻڻ يا وعده خلافي ڪرڻ دنيائي ماڻهن جا آهن. خدا وارا ڪڏهن به وعده يا عهد نامه نه ڀڃندا آهن.

رسول الله ﷺ جا عادات ۽ اخلاق ننڍي هوندي کان ئي ماڻهن کي حيرت ۾ وجهڻ لڳا، ان وقت عربن ۾ نه رڳو بت پرستي هئي مگر دنيا جون سڀ بد خلاقيون زور شور سان رائج هيون، بداخلاقيون به اهڙي طرح ڪيو ويندي هيون جو شرم جي بدارن انهن تي فخر ورتو ويندو هو ۽ قصيدن ۽ شعرن ۾ بدڪارين جي اشاعت بدترين ۽ حياوز الفاظن ۾ ڪئي ويندي هئي. مگر حضرت جن تي اهڙي ناپاڪ هوا ڪو به اثر پيدا ڪونه ڪيو. پاڻ 25 ورهين ۾ شادي ڪيائون . شاهديون موجود آهن ته عين جوانيءَ ۾ خواه پوءِ شاديءَ کان اڳي خواه شاديءَ جي حالت ۾ ڪنواري ڇوڪر کان به وڌيڪ لڄارا هوا، سچائي ۽ امانتداري ايتر قدر هئي جو امين ۽ صادق سندن لقب ٿي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ويا، ٻين کي ڪنهن ڏک ۾ ڏسي بيتاب ٿيڻ ۽ ٻين سان ڀلايون ۽ مدد ڪرڻ خصوصا مائٽن سان صله رحمي ڪرڻ سندن خاص اوصاف هئا. ضعيفن ۽ پرديسين تي زبردستن جا ظلم ۽ تڪليفون ڏسي سهي نه سگهيا، پنهنجي دوستن ۽ هڪ جيڏن کي گڏ ڪري هڪ جماعت ٺاهيائون جنهن جي مدد سان گهڻي قدر مظلومن ۽ پرديسين جي خدمت ڪيائون. هي سڀ ڳالهيون نبوت ملڻ کان اڳ جون آهن، نبوت چاليهين سال ملي.

مڪي جي مغرور قريش سردارن جي دولت ۽ عزت جو گهڻو مدار ڪعبي جي بتن جي محافظت ۽ سڄي عرب ملڪ جي زيارتين جي نذرانن تي هو. انهيءَ ۽ ٻين ڪيترن سببن ڪري قريشين ڪي اسلام جي تعليم نه وڻي ۽ شدت سان مخالت ڪيائون ۽ رسول خدا ۽ سندن ساٿين سان اڻ سهڻ جهڙا ظلم ڪيائون تنهن هوندي به رفته رفته مسلمانن جو عدد وڌندو ويو. لاچار تي پاڻ ۾ صلاح ڪري حضرت جن کي چيائون ته جيڪڏهن تنهنجي مر ضي آهي ته مان بادشاه ٿيان ته اسان تو کي پنهنجو بادشاه ڪيون، ڌن گهرجي ته ايترو گڏ ڪري ڏيون جيترو ڪنهن وٽ به نه هجي ۽ جيڪڏهن ڪا حسين عورت گهرجي ته چؤ ته هڪدم آڻي حاضر ڪيون. رسول خدا جواب ۾ فرمايو ته منهنجو ڪو به مقصد ڪونهي. مان توهان کي فقط خدا جو حڪم ٿو پهچايان جنهن کي وڻي سو قبول ڪري ۽ جنهن کي نه وڻي سو پنهنجي پر ۾ خوش رهي. جڏهن لالچن ڪم نه ڪيو تڏهن وري ڪانفرنس ڪري صلاح ٺاهي حضرت جن جي چاچي ابوطالب وٽ ويا ۽ چيائونس ته پنهنجي ڀائٽي کي سمجهاءِ. ابو طالب حضرت جن وٽ ويو ۽ وڃي چيائينس ته ڀائٽيا! هن ڪم کي ڇڏي ڏي نه ته مان تنهنجي ڪا به حمايت ڪا نه ڪندس ۽ قريش تو کي ماري ڇڏيندا. پاڻ فرمايائون ته جيڪڏهن اهي ڪافر منهنجي هڪ هٿ تي سج ۽ ٻئي تي چنڊ رکي سگهن ۽ چون ته اهو ڪم ڇڏي ڏي ته به مان خدا جي حڪم مان هڪ حرف به ڪين گهٽائيندس. پوءِ ڀلي ته منهنجي جان به هلي وڃي، ابو طالب جي دل محبت سان ڀرجي آئي ۽ چيائينس ته بابا چڱو جيئن وڻئي تيئن ڪر مان تنهنجو ساٿ ڪين ڇڏيندس پوءِ ته ڪافرن کي به باهه لڳي وئي ۽ هڪدم سڀ قبيلا اتفاق ڪري رسول الله ﷺ جي حياتي وٺڻ جو ٺهراءُ پاسي ڪري رٿ ٺاهي اٿيا. ان کان اڳ جي ڳالهه آهي ته ڪي ويچارا مسلمان ڪافرن جي ظلمن کان پنهنجو وطن ڇڏي حبش ملڪ ۾ وڃي رهيا هئا. ۽ پوءِ وري مدينه منوره ڏي لڏڻ لڳا هئا، متئين رٿ پاس ٿيڻ کان اڳي مسلمان گهڻو ڪري سڀ مدينه ۾ وڃي وينا هئا، مشهور اصحابن مان فقط حضرت ابوبڪر صديق ۽ حضرت علي رضي الله عنه وڃي مڪي ۾ بچيا هئا. خونخوار ڪافرن جا بيرحم جوان اگهاڙين تلوارن سان رات جي وقت ۾ رسول الله ﷺ جي جاءِ جي چوڌاري ڦري آيا. مگر پاڻ سڳورا يٰسين سڳوري پڙهندا ائين نڪري ويا، جو ڪنهن کي به پتو ڪونه پيو.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

هاڻي سوال آهي رسول الله ﷺ جن ڪهڙي نيت سان نبوت جو اظهار ڪيو. جيڪڏهن معاذ الله سچا نبي نہ هئا ۽ دنيا جي غرضن لاءِ پاڻ کي نبي ٿي سڏايائون تہ پوءِ دنيائي فائدا، بادشاهي دولت ۽ حسين عورت قبول ڪيائون؟ اٽلندو هر طرح جا ظلم سنائون ۽ آخر حياتي جوکي ۾ وڌائون. ظاهري حالتون تہ اهڙيون هيون جو ڪاميابي جي اميد تہ پنهنجي ماڳ اٽلندو حياتي وڃڻ جو ڪامل يقين هو. مگر پاڻ سچ پچ نبي هئا، ۽ الله تعاليٰ وٽان بار بار وحي پي آيا، جن جو عام اعلان ڪيو پي ويو تہ آخر ڪافر ئي مغلوب ٿيندا، اهو ئي سبب هو جو رسول الله ﷺ جن کي نہ ڪنهن لالچ لالچايو ۽ نہ ڪنهن ڌمڪيءَ ڊيڄاريو. يورپين مورخ قبول ڪندا آهن تہ رسول الله ﷺ جي زندگي هجرت تائين بلڪل معصوم ۽ پاڪ هئي، مگر پوءِ جڏهن مديني ۾ وڃي بادشاهي حاصل ڪيائون ۽ جنگيون ڪيائون تڏهن اها حالت نہ رهي. مگر هو انهي سوال جو جواب ئي نٿا ڏين تہ ڇو بادشاهي قبول نہ ڪيائون ۽ ڇو ظلم سهندا رهيا ۽ آخر پنهنجي جان ڏيڻ واسطي تيار ٿي بيٺا؟ ائين آهي ڇا تہ هجرت تائين سچا نبي هئا ۽ پوءِ نبوت ڪسجي وين؟ لالچن کي ڌڪو ڏيڻ بہ نسبت ڪٽي ڪوائين ڇئي سگهي ها تہ شايد رسول الله ﷺ سمجهو هوندو تہ اها هترادو مليل بادشاهي ڪسجي بہ سگهجي ٿي مگر گهڻن مسلمانن پيدا ڪرڻ بعد جيڪا بادشاهي حاصل ٿيندي سا سچي ۽ پائداري بادشاهي ثابت ٿيندي پر جڏهن ظاهري طور اهڙي ڪاميابي جي ڪا بہ اميد ڪانہ ٿي ڏٺي اٽلندو وڃان جوکي ۾ هئي تڏهن اهو گمان بہ بيهي نٿو سگهي.

هاڻي اڃو انهي سوال تي تہ هجرت بعد رسول الله ﷺ جنگيون ڪيون ۽ قتل ڪرايا. يورپي مورخ هاڻي گهڻو ڪري رسول الله ﷺ جي پوئين زندگي تي بہ اعتراض ڪونہ ڪن ٿا. مگر جن اڳي ڪيا هئاسي غلط فهمي ۽ جاهليت ڪان ڪيا. غلط فهمي انهن جي هئي جوهنن جي خيال ۾ مذهبي ماڻهو اهو آهي جو رڳو گوشہ نشين ٿي وڃي عبادت ڪري مگر سچو مذهب اهو آهي جو سيڪاري تہ دنياوي ڪاروبار ڪيئن هلائجن ۽ ڏٺي جي عبادت ڪيئن ڪجي. جاهليت هي هئي جو هنن سمجهيو هو تہ رسول الله ﷺ اڳرائي ڪري جنگيون ڪيون ۽ ماڻهن کي زور سان مسلمان ڪيو، مگر هاڻي تحقيقات بعد سڀ ڪو قبول ٿو ڪري تہ حملا ڪافرن ڪيا بلڪ مدينہ منوره کي گهيرو بہ ڪيائون ۽ مسلمانن جي لشڪر جو تعداد بعضي ٽئين پتي ۽ بعضي ڏهين پتي بہ مس هوندو هو. مگر الله جي وعده موجب سندس ئي نصرت سان مسلمانن کي فتح پنيان فتح ٿيندي ويئي تہ بہ ڪنهن شخص کي زور ڪري مسلمان ڪونہ ڪيو ويو، بلڪ جان وٺندڙن کي بہ جان بخشي ڪئي وئي.

رسول الله کي ڪاميابي بہ اهڙي نصيب ٿي جهڙي دنيا ۾ ڪنهن بہ شخص کي نصيب نہ ٿي، سڀ مسلمان مٿن پنهنجو مال ۽ اولاد ۽ جانيون قربان ڪيو ويٺا هئا،


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

عزت وري ايتري ڏيندا هئا، جو جيڪي پاڻي جا ڦڙا سندن هٿن مبارڪن مان وضو جي وقت ڪرندا هئا، سي بہ جهٽي پنهنجي منهن کي مليندا هئا. اهڙي ڪامياب بادشاهي مان رسول الله کهڙو فائدو ورتو هو جو وڏيک تڪليفون ورتائون ۽ وڏيک قوم جون خدمتون ڪيائون ۽ راتيون گهڻي قدر عبادت ۾ صرف ڪيائون. جڏهن ٻيا متي ننڊ ۾ هوندا هئا تڏهن پاڻ خدا جي حضور ۾ بيهي پاڏائيندا هئا، انڪسار ايتري قدر جو پاڻ ڪٿي بہ ويندا هئا ۽ ماڻهو ڪين عزت ڏيڻ لاءِ اٿي بيهندا هئا، تہ پاڻ سختي سان روڪيندا هئا. ماڻهن ۾ اهڙا طرح رلي ملي ويندا هئا، جو اڻواقفن کي پڇڻو پوندو هو تہ توهان ۾ فلاڻو ڪير آهي؟ پڻ تي وهندا هئا، ۽ بعضي اگهاڙي پٽي سان تڏي تي سمهندا هئا، ڪنهن سان بہ گڏجي ماني کائڻ کان عار نہ ڪندا هئا، مسڪينن تي خاص طرح مهربان هئا. ٻڪري پاڻ ڏهندا هئا، بازار مان شيون وٺي ڪٽي ايندا هئا، ننڍڙن ٻارن سان راند ڪندا هئا، ٻهاري پاڻ پائيندا هئا، ڪاٺيون ميڙيندا هئا، ڪوڏ هٽندا هئا، ۽ ساڳي وقت عيال جي خبرداري رکڻ، فيصلا نبيرڻ، شريعت سيکارڻ، جنگيون ۽ عهدناما ڪرڻ، دوستن جي پرگهو لهڻ، عبادت ڪرڻ مطلب تہ ايترا تہ ڪم ڪندا هئا. جو رواجي انسان جي طاقت کان ٻاهر هئا. بادشاهي جي حالت ۾ سندن زندگي اڳئين کان بہ وڌيڪ سادي هئي. ماني جي سادگي جي تہ حد ئي ڪانہ هوندي هئي، بعضي تہ مهينو ڪن لاڳيتو گهر جي چلهي ۾ باھ ئي ڪانہ ٻرندي هئي ويلن جا ويلا ماني ئي ڪانہ کائيندا هئا، رڳو ٻہ چار ڪارڪون ڪائي پاڻي پي ڇڏيندا هئا. جڏهن مسلمان ڪجھ خوش حال ٿيا تڏهن رسول الله ﷺ جي بيبين سڳورين کي خيال ٿيو تہ فاقہ ڪدي ڇمار وئي آهي جو نہ ڪجھ قدر سکيو گذران بہ ڪيو وڃي، رسول الله ﷺ ڪين فرمايو تہ جيڪڏهن دنيا جو سک گهر جيو تہ مان توهان کي موڪل ڏيان پلي منهنجو گهر ڇڏي وڃو. مگر بيبين سڳورين ﷺ کي ڇڏڻ قبول نہ ڪيو ۽ بک ۽ ڏک ڪڍڻ خوشي سان قبول ڪيا. اها بادشاهي هوندي بہ فقيري هئي!

جيڪي ماڻهو ڪوڙي دعوي ڪندا آهن سي قسم قسم جا حيلا هلائيندا آهن. گهڻو ڪري پاڻ کي ماڻهن جي عام نظر کان پري رکندا آهن يا پاڻ اندر ويهي درتي دربان وهاريندا آهن ۽ جيڪڏهن ٻاهر نڪرندا آهن تہ ڪنهن ڍنگ يا شان ۽ شوڪت سان نڪرندا آهن. مگر رسول الله ﷺ کي ڪنهن بہ رنگ ڍنگ جي ضرورت ڪانہ هئي، هڪڙو موقعہ تہ ڏاڍو عجيب ٿيو. اهڙي موقعہ تي جيڪر سچي ۾ سچو ماڻهو بہ ڪم از ڪم خاموش رهي ها. ڇا ٿيو جو اتفاقا رسول الله ﷺ جي فرزند حضرت ابراهيم جي قضيي جي ڏينهن سج گرهڻ ٿيو. ماڻهن ۾ چوٻول هليو تہ رسول الله ﷺ جي فرزند جي رحلت جي غم ۾ سج بہ اونداهو ٿي ويو آهي. پاڻ جڏهن اها خبر ٻڌائون تڏهن هڪدم منبر تي چڙهي فرمايائون تہ سج ۽ چنڊ جا گرهڻ ڪنهن جي بہ ڄمڻ يا مرڻ ڪري نٿا ٿين وغيره، اهو اهڙو موقعو هو جو ان وقت رڳو پاڻ خاموش


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڳي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

رهن ها تہ بہ سندن عزت انهي اتفاقي واقعي جي ڪري دوبالا ٿي وڃي ها. پر اگرچہ ان فرمان جي عربن کي ڪابہ خبر ڪان هئي، تہ گرهڻ جو ٿيندا آهن تہ بہ سچ ڪي نہ لڪايائون ۽ هڪدم ماڻهن کي خبردار ڪيائون. سبحان الله ڪير نہ چوندو تہ پاڻ سڳورا بيشڪ سچا نبي هئا.

سڀ کان وڏي ڳالھ هي آهي تہ رسول الله ﷺ جن الله تعاليٰ جي حمايت سان عربن ۾ جو اخلاقي ۽ روحاني انقلاب پيدا ڪيو هن جو مثال دنيا جي تاريخ پيش ڪيو آهي ۽ نہ ڪڏهن ڪندي. اهي ساڳيا عرب جي حرف ڪان لڪ بار وڌيڪ خراب هئا سي ملائڪن ڪان مٿي چڙهي ويا. هو نيڪ اخلاقن جا پتلا بلڪ خدا جي راهہ ۾ سڀ ڪجھ قربان ڪرڻ لاءِ هر وقت تيار هئا ۽ قربان ڪري ڏيکاريائون. گويا هنن جيئري پاڻ ماري ڇڏيو هو. عربن جي پهرين ڪهڙي حالت هئي ۽ پوءِ ڪيتري قدر منجهن سڌارا قائم ٿيا. ڪيترين خرابين اخلاقي، پنگتي، سياسي، رسمي ۽ ڌرمي ڪڍيون ويون ۽ ڪهڙا عاليشان قانون سول ۽ فوجداري ۽ ٻيا رائج ٿيا، تن جي بيان ڪرڻ لاءِ ڪتاب گهرجن . انگريزي ۾ پهاڪو آهي تہ ”وڻ جو قدر سندس ميوي مان ڪجي“ ساڳي طرح جيڪڏهن رسول الله ﷺ جي سچائي جو اندازو ڪرڻو اٿو تہ انهي مان ڪريو تہ عربن جي پهرين ڪهڙي حالت هئي ۽ پوءِ ڪهڙي ٿي ويئي. الله اڪبر! ان کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي ثابتي گهرجي.

## حب الوطني ۽ خود قرباني

دنيا جي تاريخ پڙهي ڏسندو تہ اوهان کي معلوم ٿيندو تہ ڪنهن بہ ملڪ يا قوم تيسين ڪڏهن بہ ترقي نہ ڪئي آهي جيستائين منجهس حب الوطني ۽ خود قرباني جا گڻ پيدا نہ ٿيا آهن. مغربي قومن جيڪا ترقي ڪئي آهي يا ڪن پيا سا فقط حب الوطني ۽ خود قرباني ڪري آهي.

وطن جي حب ايمان جو جز آهي. قرآن شريف ۾ حج واري سورة پڙهي ڏسندو تہ اوهان کي يقين ٿيندو تہ ان ۾ فقط خود قرباني جو سبق سيکاريل آهي ۽ منجهس ڏيکاريل آهي تہ خود قرباني ئي عين اسلام آهي. ارمان جي ڳالھ آهي تہ اسان جي سنڌ ديس ۽ قوم لاءِ خود قرباني ڪرڻ بدارن پنهنجي ديس ۽ قوم کي پنهنجي خود غرضي لاءِ قربان پيا ڪريون. عوام الناس يعني عام ماڻهو ۾، جي اڪثر ڪري جاهل آهن ڏسندو تہ گهڻو ڪري منجهن جهيڙا جهٽا، فساد، هڪ ٻئي نڳڻ ۽ هڪ ٻئي کي نقصان پهچائڻ بلڪل رواجي ڳالهيون آهن. اڄ ڪلھ ڀيا تہ ڇڏيو پر ڀائر، پائٽيا ۽ چاچا ماما بہ هڪ ٻئي جا دشمن ٿي پيا آهن. هي ٿيا جاهل، پر تعليم يافتہ ماڻهن جو ڪهڙو حال آهي؟ وڏي تعليم حاصل ڪيل يا تہ ڊاڪٽر ۽ وڪيل آهن، يا سرڪاري ڪامورا آهن. انهن يونيورسٽي جون وڏيون ڊگريون حاصل ڪيو آهن، ۽ انهن


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

شيڪسپيئر، روڊس ورٿ ۽ ڪارلائل جهيڙن شاعرن ۽ مصنفن جا ڪتاب پڙهيا آهن. مگر فقط پڙهيا آهن، ڪڙهيا ڪين آهن.

ڪامورا وڏيون وڏيون پگهارون ٿا ڪٽن. ڪين اها ڳالهه به وسريل آهي ته سندن پگهارن ۽ ڀتن جا پئسا آسمان مان ڪونه ٿا اچن پر مسڪين ماڻهن جي ڪيسن مان ديس جي ماڻهن ڪان ڍلون وغيره وغيرهه وٺي ڪامورن کي وڏيون پگهارون انهي لاءِ ٿيون ڏجن ته هو ديس جي ماڻهن جي خدمت ڪن ۽ ڪين علم ۽ اخلاق سان سينگاري دولتمند ۽ خوشحال ڪن. مگر حالت هي اچي بڻي آهي جو گويا رڍن کي بگهڙن جي سنڀال هيٺ ڏنو ويو آهي. خود قرباني ۽ ديس شيوا ته پري رڳو نيڪ حلالي به ڪامورن ۾ ورلي آهي. اسان جي ڳٽتي ۽ عيش عشرت جو شوق ٿا رکن. اگرچه سڀ ڪامورا هڪجهڙا نه آهن. گهڻا چڱا به آهن. مگر جا خود قرباني يا ڪم ازڪم نيڪ حلالي هئڻ گهرجي سا بلڪل ٿوري آهي.

هاڻي سڄاڳي جو وقت آهي سنڌ ديس جي هر هڪ شخص خصوصاً سرڪاري ڪامورن (وزيرن ۽ مشيرن) کي پاڻ ۾ حب الوطني ۽ خود قرباني يا ڪم ازڪم نيڪ حلالي جو گڻ پيدا ڪرڻ گهرجي. هر شخص کي رات ڏينهن اهو ئي خيال ۽ اهائي نيت رکڻ گهرجي. ته جيتري قدر ٿي سگهي اوتري قدر پنهنجي ديش ۽ پنهنجي پائرن جي سڌاري ۽ ترقي لاءِ ڪجهه نه ڪجهه ڪريان. حقيقيت ۾ خود قرباني ڪرڻ ۾ ئي پنهنجو ۽ پنهنجي اولاد جو ئي فائدو آهي. اسان سڀئي هڪ ٻيڙيءَ جا سوار آهيون. جيڪڏهن ٻيڙي ٻڏي ته سيئي ٻڏنداسين جي ٻيڙي تري ته سڀ ترنداسين. تنهن ڪري خود قرباني ڪرڻ يا ٻين جو ڀلو ڪرڻ درحقيقت پنهنجو ۽ پنهنجي اولاد جو ڀلو ڪرڻ آهي. ٻين جو نقصان ڪرڻ درحقيقت پنهنجو ۽ پنهنجي اولاد جو نقصان ڪرڻ آهي.

*(توحيد جنوري 1934)*


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# اسلام ۽ اليڪشن

### ديباچو

هن رسالي ۾ خاص طرح اليڪشن يعني چوندن بنسبت ڪجھ بيان ڪيل آهي، مگر ضمنن مجبوريءَ طور هلندڙ زماني جون ڪي خرابيون بيان ڪيل آهن. مان اخلاص سان چوان ٿو ته مان نڪو سرڪار ڪي ڏوھ ٿو ڏيان نڪو ڪنهن خاص ليڊر يا ليڊرن ڪي. نڪو ڪنهن خاص فرقي يا فرقن ڪي. حقيقت هيءَ آهي ته يزيد جي زماني کان وٺي شخصي جابر حڪومت ۽ ڏارين جي حڪومت جي 13 تيرهن صدين اسان سڀني جي اخلاقي حالت بلڪل بگاڙي ڇڏي آهي، ۽ اسلام جو ته رڳو نالو وڃي رهيو آهي. جيڪڏهن ڪنهن جو ڏوھ آهي ته عوام جو آهي جن قرآن مجيد کي معنيٰ سان پڙهڻ ڦٽي ڪيو، جن فرعوني بادشاهن جي مخالفت نه ڪئي ۽ جن چوندڙ واري خلافت وري قائم ڪرڻ جي ڪوشش ئي ڪانه ورتي.

مان حقيقت ۾ مسلم ليگي آهيان. مان نه رڳو پاڻ مسلم ليگ جو ميمبر ٿيس پر ٻيا به 24 ميمبر ڪري ڏنم. ازان سواءِ مسلم ليگ کي زور وٺائڻ لاءِ ڪي تجويزون لکي مسلم ليگ جي تن وڏن ڪارڪنن جي خدمت ۾ عرض رکيم. نتيجو ته ڪجھ به ڪونه نڪتو. پر تنهن هوندي به انهيءَ راءِ تي قائم آهيان ته سڀ مسلمان پائر آهن ۽ سڀني کي هڪ ٿي رهڻ گهرجي. پارٽي بازيءَ جو رواج بند ڪرڻ گهرجي. خود غرضي ڦٽي ڪري سنڌ جي ۽ پاڪستان جي خدمت ڪرڻ گهرجي. مون کي وطن جي حب ۽ اسلام جي محبت مجبور ٿي ڪري ته مان خرابيون بيان ڪيان ۽ خرابين کي ڪڍڻ جا اپاءَ ٻڌايان. مان ڪنهن به مخالف پارٽيءَ ۾ شامل ڪونه ٿيو آهيان ۽ ڪنهن به ليڊر جو مخالف نه آهيان. منهنجي دعا آهي ته شال الله تعاليٰ اسان تي رحم ڪري ۽ اسان کي علم اخلاق ۽ باهمي همدردي ۽ خير خواهي عطا ڪري ته اسان هر طرح ترقي ڪري خوشحال ٿيون.

### مؤتمر عالم اسلامي

تازو تاريخ 12 کان 16 فيبروري 1951 تائين ڪراچيءَ ۾ مؤتمر عالم اسلامي جو شاندار اجلاس ٿي گذريو. اٽڪل 36 اسلامي ملڪن جا عيوضي شريڪ ٿيا ۽


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

اعليٰ درجي جون تقريرون ٿي گذريون. روس ۽ پارت جي مسلمانن جا عيوضي ڪونہ آيا. انهيءَ ڪانفرنس ۾ ليڊرن قرآن مجيد تي عمل ڪرڻ لاءِ ۽ اسلامي زندگي اختيار ڪرڻ لاءِ خاص طرح تلقين ڪئي. هونئن بہ ڏسجي ٿو تہ ليڊر، وزير ۽ گورنر جابجا اسلام تي تقريرون ڪن ٿا. پر سوال آهي تہ هنن ڪي سچ پچ اوچتو ئي اوچتو اسلام جي خوبين جي خبر پئجي ويئي آهي، يا ماڻهن جي اکين ۾ ڌوڙ وجهڻ لاءِ ۽ نگيءَ سان ووٽ حاصل ڪري وري بہ حاڪم بڻجي عوام کي پيڙڻ لاءِ ۽ پاڻ کي ۽ پنهنجن کي فرعوني اوج تي پهچائڻ لاءِ اهي سڀ ڍونگ رچائي رهيا آهن.

ناظرينو! توهان ليڊرن ۽ حاڪمن جي لفظن ڏي نہ ڏسو، سندن عملن ڏي ڏسو. عملن جي هڪ رتي لفظن جي مڻن کان وڌيڪ چڱي ۽ اثر واري آهي. توهان ظاهر ظهور ڏسو ٿا تہ اسان جي ليڊرن ۽ حاڪمن مان گهڻائي رشوتون ۽ رسايون ونندڙ آهن، گهڻائي زاني ۽ شرابي آهن، گهڻائي چورن ۽ پاٽاريدارن جا يار ۽ مددگار آهن، گهڻا ئي ظالم زميندارن کي مدد ڏيئي عوام کي لتاڙائي تباهہ ڪرائي رهيا آهن. گهڻائي اهڙا آهن جي اسراف (حدن کان ٻاهر وڃڻ) تبذير (ڏيکاءُ تجمل وغيره تي اجايا خرچ ڪرڻ) ۾ مبتلا آهن. تبذير وارن لاءِ الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ اهي شيطان جا ڀائر آهن. توهان ڏسو ٿا تہ هاڻوڪن حاڪمن جي ايام ڪاريءَ ۾ ڪامورن جي رشوت خوري ۽ ظالم زميندارن جو ظلم ڪيتري قدر وڌي ويو آهي. پوءِ بہ جيڪڏهن اسان جا ليڊر ۽ حاڪم اسلام تي تقريرون ڪن ۽ اسان کي اسلامي زندگي اختيار ڪرڻ جي نصيحت ڪن تہ ڇا سمجهڻ گهرجي؟ اهو فيصلو اوهان کي ڪرڻو آهي، پر دل ئي دل ۾ تہ هو ڪيتري قدر مسلمان آهن ۽ ڪيتري قدر منافق آهن.

## ڊاڪٽر مصطفيٰ صبائي جي اعليٰ تقرير

گذريل مؤتمر اسلامي جي اجلاس ۾ شام جي عيوضي ڊاڪٽر مصطفيٰ صبائي جي تقرير بيشڪ اعليٰ درجي جي هئي. مون کي اها خبر ناهي تہ هو پاڻ ڪيتري قدر اعليٰ اخلاقن وارو انسان آهي. هن صاحب پنهنجي تقرير ۾ هي بہ فرمايو تہ عوام کي ظلم کان، سچائيءَ کان، بک کان، گناهن کان ۽ خدا کي ڇڏي ٻين جي اڳو جهڪڻ کان آزادي ڏياريو. اهي پنج آزاديون انسان جي ترقيءَ لاءِ نهايت ضروري آهن. انهن کان سواءِ ڪابہ قوم زندهہ رهي نٿي سگهي. خبر ناهي تہ ڊاڪٽر موصوف پوئين آزادي بہ نسبت دل ۾ ڪهڙي معنيٰ رکي آهي، پر مان ان جي تشريح ٿو ڪيان. اڄ ڪلهہ عام توڙي خاص ماڻهو خدا جي اڳيان ڪو نہ ٿا جهڪن، هو شيطان جي اڳيان ٿا جهڪن. ٻهراڙي جو عوام ڏسو تہ ظالم ۽ بدڪار زميندارن جي پيرن تي ڪري ٿا پون، ڪين ڪٽ تي وهاري پاڻ پٽ تي ٿا وهن. سندن ڪٽ تي هٿ رکي ڳالهہ ڪرڻ کي خدا جي قسم کان وڌيڪ ٿا سمجهن ۽ ڪنهن لالچ ۽ ڊپ سببان زميندار جا بيواجبي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

حڪم تا مڃن. بلڪ سندن چوڻ تي وڏا ڪبيرا گناهه به ڪن ٿا. ائين ڪرڻ خدا کي ڇڏي ٻين جي اڳيان جهڪڻ نه آهي ته پوءِ ٻيو ڇا آهي؟ ساڳي طرح ننڍا ڪامورا وڏن ڪامورن جي خوشامد ۽ چاپلوسي ڪن ٿا، رسائي ڪن ٿا، ها ۾ ها ملائن ٿا ۽ گهٽائي غير جائز ۽ گناهه جا ڪم ڪن ٿا. اهڙا ڪم ڪرڻ به خدا کي ڇڏي ٻين جي اڳيان جهڪڻ نه آهي ته ٻيو ڇا آهي؟ ٻين کي پنهنجي غرضن لاءِ مطيع ڪرڻ فرعونيت ناهي ته ٻيو ڇا آهي ۽ پاڻ کي خدا سڏائڻ جي برابر ناهي ته ٻيو ڇا آهي؟

ڊاڪٽر موصوف جي تقرير ته بيشڪ سهڻي آهي پر افسوس جو سندن خيالن کي عملي جامون پهرائڻ لاءِ ڪي به رٿون ڪونه ڏنيون اٿس. انشاءَ الله مان اوهان کي ايندڙ صفحن ۾ به ٽي رٿون پيش ڪندس.

## اسلام کي نئين سر زنده ڪرڻ

اسلام کي زنده ڪرڻ لاءِ اها ئي تحريڪ هلائڻ ضروري آهي جا حضرت رسول الله ﷺ جن مڪي معظم ۾ جاري ڪئي ۽ مديني منور ۾ مڪمل ڪئي. تحريڪ هلائيندڙ کي اهي ئي اخلاق رکڻ گهرجن جي حضرت جن جا هئا، پنهنجن ۽ پروان، دوستن ۽ دشمنن سان اهائي روش وٺڻ گهرجي جا حضرت جن وٺندا هئا. حضرت جن سڄي عربستان جا بادشاهه ٿيا ته به اسلامي سادگي نه ڇڏيائون، پنهنجي هٿن سان ڪم ڪاج ڪرڻ ڪان عار نه ڪندا هئا، مساوات (هڪجهڙائي ۽ برابري) جو اصول عملن قائم ڪري ڏيکاريائون. دشمنن ۽ ڪافرن سان به چڱايون ڪندا هئا.

اها تحريڪ بدين واري اخبار حزب الله ۾ شايع ٿي هئي. قرآن مجيد ۾ فرمايل آهي ته اوهان ۾ هڪ ٽولي اهڙي هئڻ گهرجي جا ماڻهن کي چڱائي ڏي سڏي چڱن ڪمن ڪرڻ جو حڪم ڪري ۽ گناهن ڪان روڪي. سورت العصر ۾ فرمايل آهي ته انسان جي زندگي خساري ۽ ڇيهي ۾ آهي، سواءِ انهن جي جيڪي ايمان ٿا آڻن، صالح عمل ٿا ڪن، حق جي وصيت ٿا ڪن ۽ ٻين کي به مٿين آيتن موجب نصيحت ڪندا ٿا رهن. پوءِ جڏهن اهڙن ماڻهن جو عدد چڱيرو ٿي ويندو تڏهين قوم جي اخلاقي حالت تڪڙي سڌرندي ۽ دنيوي ترقي ڪرڻ ۾ ديرئي ڪانه لڳندي.

ٻي رٿ هيءَ آهي ته اهڙي تحرڪ هلائجي جو سڀ مسلمان مرد توڙي عورتون هر روز پنج ڏهه منٽ قرآن مجيد پاڻ معنيٰ سان پڙهن يا ٻين کان ٻڌن. هي ڪم تمام آسان آهي. هر هڪ ننڍي ڳوٺ ۽ وڏن شهرن جي هر هڪ محلي ۾ ڪنهن مقرر هنڌ تي، ڪنهن مقرر وقت تي ماڻهو گڏ ٿين ۽ هڪڙو چڱو پڙهيل ماڻهو وڏي آواز سان جهلي جهلي ڇٽيءَ طرح ترجمو پڙهي ٻڌائي. جيستائين مسلمان اهو نظام ۽ انتظام نه رکندا تيستائين سندن مسلماني رڳو نالي جي مسلماني آهي. اڙدوءَ ۾ گهٽائي ترجما بلڪل سنا آهن، مثلن ابوالڪلام آزاد، علامه اشرف علي، مولوي نذير احمد جو


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

وغيره وغيره. مگر سنڌيءَ ۾ اهڙا چڱا ڪونہ آهن. مولانا تاج محمد امروٽي جو ۽ قرآن ڪمپني جو ترجمو تازو حيدرآباد ۾ ڇپايل چڱيرا آهن. پر هڪ تہ منجهن تفسير ڪونهي ٻيو تہ ترجمو بہ اهڙو ناهي جو تفسير کان سواءِ ئي سڀ ڪجھ سمجھڻ ۾ اچي، تاهم اهي بہ غنيمت آهن. جيستائين بهتر ترجما شايع ٿين تيستائين اهي ئي پڙهڻ گهرجن. مان بہ سنڌيءَ ۾ ترجمو ۽ تفسير لکڻ شروع ڪيو آهي جو ڇپجڻ شروع ٿيو آهي ۽ انشاءَ الله هڪ سال اندر ڇپجي تيار ٿيندو.

ٽين رٿ هيءَ آهي تہ سرڪار يا پبلڪ مان ڪو سخي مرد يا سخي جماعت هڪ اهڙو مدرسو جاري ڪن جنهن ۾ معلمن ۽ شاگردن جي رهڻ جو بندوبست هجي. معلم اعليٰ اخلاق وارا هجن. اسلامي سادگي، هٿن سان ڪم ڪار ڪرڻ ۽ اسلامي مساوات جو خاص لحاظ رکيو وڃي.

شاگردن ۾ هڪ ٻئي سان چڱاين ۽ هڪ ٻئي کي مدد ڪرڻ جو ٻج پوکيو وڃي. تعليم ۾ خاص ڌيان تقرير ڪرڻ ۽ تحرير يعني مضمونن لکڻ تي ڏنو وڃي. انهيءَ لاءِ تہ جيڪي شاگرد اتان تحصيل ڪري نڪرن سي تبليغ ۽ اصلاح جو ڪم تقريرن ۽ تصنيفن وغيره جي وسيلي ڪري سگهن.

چوٿين رٿ هيءَ آهي تہ سيني اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ اسلامي تعليم لازمي ۽ فرض ڪئي وڃي.

پنجين رٿ حديثن ۾ ڏنل آهي جا هن ريت آهي.

حضرت جن فرمايو آهي تہ علم جي طلب هر هڪ مسلم مرد توڙي عورت تي فرض آهي. ٻي حديث آهي تہ پينگهي کان وٺي قبر تائين علم جي طلب ۾ لڳا رهو. ٽئين حديث آهي تہ علم جي طلب ڪريو اگرچہ چين ولايت ۾ ملي. ازان سواءِ ٻيون بہ گهٽيون ئي تمام سنيون حديثون علم جي فائدن بہ نسبت آيل آهن. مثلن فرمايل آهي تہ علم واري مس شهيد جي رت کان وڌيڪ پاڪ آهي. افسوس جو اسان مسلمانن نہ رڳو دنيوي علم کي ڇڏي ڏنو آهي پر قرآني علم بہ حاصل ڪونہ ٿا ڪيون. سڀ ڪنهن ڳالھ لاءِ سرڪار تي ياڙڻ بہ بلڪل غلط آهي. اسان جي ليڊرن ايڊيٽرن ۽ وعظ ڪندڙن کي گهرجي تہ خوب پروپئگنڊا هلائن تہ هر هڪ ڳوٺ ۽ هر هڪ محلي ۾ هڪڙو پڙهيل ماڻهو هر روز اڌ ڪلاڪ يا ڪلاڪ ڳوٺ يا محلي جي ماڻهن کي علم سيکاري. جيڪڏهن هو عيوض نہ وٺي تہ وڏو ثواب حاصل ٿيندس، پر جيڪڏهن ڳوٺ يا محلي جا ماڻهو چندو ڪري ڪيس پگهار ڏين يا گڏوگڏ لاپو فصلن مان ڏين تہ بہ ڪيس ثواب ملندو بشرطيڪ سندس نيت هجي پاڙي وارن ۽ قوم جي خدمت ڪرڻ جي.

ازان سواءِ هر هڪ ڳوٺ يا محلي ۾ هڪ ڪتب خانو، مسجد يا حجري ۾ هئڻ گهرجي. جيڪو بہ مسلمان ڪو ڪتاب يا رسالو پڙهي پورو ڪري سو مسجد ۾ رکي. اهڙي طرح بنا خرچ جي ڪتب خانو ٿهي ويندو.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

## اسلام جي اوائلي سياست

اسلام کي زنده ڪرڻ لاءِ پنج رڪنون مٿي ڏنيون ويو آهن. پر هن ڪتاب ۾ خاص طرح چوندڙ جي بنسبت ڪي خيال پيش ڪري هڪ رٿ ڏيندس جا تمام ضروري آهي، جنهن تي عمل ڪرڻ ڪان سواءِ اسان ڪا بہ ترقي ڪري ڪونہ سگهنداسين. پنهنجي خيالن ۾ رٿ پيش ڪرڻ ڪان اڳي مان اسلام جي اوئلي تاريخ بيان ٿو ڪريان جا چوندڙ جي طريقي تي گهڻي روشني وجهندي. حضرت جن مڪي معظم ۾ اٽڪل ٻارهن سال اسلام جي تبليغ زور شور سان ڪئي. مگر مڪي جي مغرور سردارن بہ زوردار مخالفت ڪئي. هر ملڪ ۾ هر زماني ۾ اهو دستور پئي رهيو آهي تہ شاهوڪار ۽ زور يا حڪومت وارا ماڻهو هميشہ حق جي مخالف ڪندا آهن. چو تہ هو پسند نہ ڪندا آهن تہ مسڪين ماڻهو ساڻن برابري ڪن، يا خوددار ٿي سندن تابعداري ڦٽي ڪن يا آزاد رهي ترقي ڪري آسوده ٿين. هو هر طرح سان ٻين کي غلاميءَ ۾ سجائيءَ ۾ رکندا آهن. اهو ئي سبب هو جو مڪي جي سردارن سخت مخالفت ڪئي. تنهن هوندي بہ وڏي دماغ ۽ اعليٰ اخلاقن وارا ماڻهو مسلمان ٿي پيا. قريش کي ايتري قدر تہ خطرو محسوس ٿيو جو مسلمانن تي بي انداز ظلم ڪرڻ لڳا، جنهن ڪري ڪي مسلمان حبش ملڪ ڏي هجرت ڪري ويا. انهيءَ ڪان پوءِ ڪي مديني جا ماڻهو مڪي ۾ حضرت جن جو وعظ ٻڌي مسلمان ٿيا. انهن سان گڏ حضرت جن پنهنجو اصحابي حضرت مصعب بن عمير مديني ڏي موڪليو. جنهن جي وعظ ڪان متاثر ٿي ٻيا بہ گهڻائي مديني جا ماڻهو مسلمان ٿي پيا. ٻئي سال اٽڪل ٻاهتر شخص مڪي ۾ اچي لڪ چپ ۾ مڪي جي ٻاهران حضرت جن سان مليا ۽ ڪين دعوت ڏني تہ مديني ۾ هلي رهو ۽ اسان هر طرح اوهان جي ۽ مسلمانن جي مدد ڪنداسين. بيعت ڪرڻ ۾ هنن هيٺيان (5) پنج وعدا يا شرط ڏنا.

1) اسان فقط هڪ الله جي ٻانهپ ڪنداسين ۽ ساڻس ڪنهن کي بہ شريڪ نہ ڪنداسين.

نوٽ: لا الہ الا الله ۽ اياڪ نعبد مان بہ اها ئي معنيٰ نڪري ٿي تہ الله جي حڪمن تي هلنداسين ۽ الله جي ڪنهن بہ حڪم جي خلاف ٻئي ڪنهن جو بہ حڪم نہ مڃينداسين.

2) زنا نہ ڪنداسين.

3) چوري نہ ڪنداسين.

4) ڪنهن تي بهتان نہ ٻڌنداسين.

5) سڀ ڪنهن چڱي ڳالهہ ۾ تنهنجي حڪمن جي پيروي ڪنداسين.

## مديني جي حڪومت

ناظرينن کي غور سان ڏسڻ گهرجي تہ حضرت جن کي مديني جو بادشاهہ مقرر ڪيو ويو. مگر ڪا پگهار يا ذاتي فائدا نڪي آڇيا ويا نڪي گهريا ويا. اٽلندو پنجين


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

شرط ۾ چتائي ڪئي ويئي ته فقط چڱين يا مناسب ڳالهين ۾ سندس حڪمن جي تعميل ڪئي ويندي. مديني ۾ پاڻ سڳورن هڪڙي ڀيري هڪ عورت ڪي سندس مڙس بہ نسبت سفارش ڪئي. هن پڇيو شرعي حڪم ٿا ڏيو يا ذاتي شفارش ٿا ڪريو. پاڻ فرمايائون ته ذاتي سفارش ٿو ڪريان. عورت چيو ته مون ڪي قبول ناهي. پاڻ سڳورن ذرو بہ رنجيد گي نہ ڏيکاري.

پاڻ سڳورن عدل ۽ انصاف جو معيار قائم ڪيو جو دنيا ۾ ڪنهن بہ قائم نہ ڪيو آهي. هڪڙي ڀيري مسلمانن هڪڙي مسلمان جي فائدي ۾ ورڪ ڪيو. مگر حضرت جن يهوديءَ جي فائدي ۾ فيصلو ڏنو، اگرچہ يهودي ان وقت سندس جاني دشمن هئا. هڪڙي ڀيري مسلمانن هڪڙي شريف عورت فاطمہ جي لاءِ سفارش ڪئي. پاڻ سڳورن جو چهرو مبارڪ لعل ٿي ويو ۽ فرمايائون ته ڇا توهان خدا جي حدن ۾ دخل ۽ دست اندازي ٿا ڪيو. قسم آهي خدا پاڪ جو ته جيڪڏهن منهنجي نياڻي فاطمہ اهو ڏوهہ ڪري ها ته بہ خدائي حد جاري رکان ها.

پاڻ سڳورا ڪڪائين مسجد ۾ مٽيءَ تي ويهي سڀ ڪم ڪاريون ڪندا هئا. ڪپڙا نهايت سادا پائيندا هئا. ڪپڙا ڦاٽندا هئن ته پاڻ ئي چتي هٽي وٺندا هئا ۽ جتي ڇڇندي هئن ته پاڻ چتي هٽي وٺندا هئا. ڪاٺ پيٺ جي سادگي ايتري قدر هئي جو ڪيترائي ڏينهن سندن گهر جي چلهي ۾ باهہ ئي ڪانہ ٻرندي هئي. پاڻ سڳورا ٻڪري ڏهندا هئا، ٻهاري پائيندا هئا، بازار مان شيون خريد ڪري پاڻ ڪٽي ايندا هئا. سندن نوڪر هڪڙي ڀيري چيو ته پاڻ سڳورن ڪڏهن بہ مون ڪي ڪونہ چيائون ته هيءُ ڪم چو ڪيئي ۽ هو ڪم چو نہ ڪيئي.

بنا آفيس ۽ بنگلن جي، فرنيچر ۽ سامان جي، بنا ڪلارڪن ۽ پٽيوالن جي، بنا پگهار ۽ ڀتن ڀاڙن جي پاڻ سڳورا قوم جي سڌاري لاءِ رات ڏينهن ايترو ڪم ڪندا هئا، جنهن جي ڏهين پتيءَ جيترو ڪم بہ اڄوڪا بادشاهہ ڪونہ ٿا ڪن. پوءِ جيڪڏهن ڪم جي خوبي، سهٽائيءَ ۽ فائدن ڏي ٿو ڏسجي تہ اڄوڪن حاڪمن جي ڪم ۽ رسول خداﷺ جي ڪم ۾ اونده ۽ روشنيءَ وارو تفاوت نظر ايندو. حضرت جن قوم ڪي هر طرح اوج تي پهچايو ۽ اسان جا حاڪم هر طرح قوم ڪي تباهہ ڪري رهيا آهن.

### خلفاءِ راشدين

حضرت جن جي رحلت بعد مسلمانن حضرت ابوبڪر ڪي سندس خليفو يا جانشين ڪري چوندبيو ۽ چوندڻ جو اصول قائم ڪيو. جيڪڏهن خلافت يا بادشاهي مورثي هجي ها ته حضرت عليءَ ڪي خليفو چونديو وڃي ها، حضرت ابوبڪر بعد حضرت ابوبڪر جي پٽ ڪي، نہ حضرت عمر ڪي. حضرت عمر بعد سندس پٽ ڪي، نہ حضرت عثمان ڪي خليفو بنايو وڃي ها. خلفاءِ راشدين پاڻ ڪي چونڊائڻ لاءِ ورڪ تہ


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڪانه ڪئي پر رڳو خواهش به ظاهر ڪانه ڪئي. حضرت عمر کان پوءِ حضرت عثمان عليءَ کي ووٽ ڏنو ته حضرت عليءَ وري حضرت عثمان کي ووٽ ڏنو. جڏهن حضرت ابوبڪر خليفو ٿيو. تڏهن بروقت هڪڙي تقرير ڪيائين جنهن جا ٿورا لفظ ڏجن ٿا.

جيڪڏهن مان حق تي هلان ته منهنجي مدد ڪجو. پر جيڪڏهن ڪا غلطي ڪيان ته مون کي ٻڌائجو ۽ صحيح واٽ تي آڻجو. اوهان ۾ جيڪو هيٺو آهي سو منهنجي نظر ۾ طاقتور رهندو جيستائين ڪ مان هن جا جائز حق قائم رکان، ۽ جيڪو اوهان ۾ زور وارو آهي سو منهنجي نظر ۾ هيٺو رهندو جيستائين ڪ مان هن کان اهي حق وٺي انهن کي ڏيان جي حق متس ٿين ٿا. جنهن قوم خدا جي راهه ۾ جهاد (حق جي لڙائي توڙي ٻيون حق جي راه ۾ ڪوششون) ڪرڻ ۾ غفلت ڪئي، تنهن کي خدا ضعيف ۽ خوار خراب ڪري ڇڏيو. منهنجي فرمانبرداري تيستائين ڪجو جيستائين مان خدا ۽ سندس رسول جي فرمانبرداري ڪيان. جيڪڏهن مان سندن نافرماني ڪيان ته مون کي ڪو به حق ناهي جو توهان منهنجي حڪمن جي فرمانبرداري ڪيو.

ناظرينو! غور سان مٿيان الفاظ پڙهو ۽ بار بار پڙهو. حڪومت ۽ سياست جا سڀ اعليٰ اصول هنن الفاظن ۾ اچي وڃن ٿا. انهن لفظن مان ظاهر آهي ته حاڪمن جي مقرري ۽ حاڪمن جي معزز ولي عوام جي هٿن ۾ آهي، عوام ئي حاڪم آهي. سندن چونڊيل حاڪم جيڪڏهن عوام جي ڀلائي لاءِ ڪم نه ڪن ۽ قوم ۽ وطن جي خدمت ايمانداري ۽ انصاف سان نه ڪن ته عوام کي حق آهي ته سندن تابعداري ڪرڻ بدران کين سنئين راه تي آڻين يا موقوف ڪري ڇڏين. هي به ظاهر آهي ته حڪومت جو اولين فرض آهي امن امان قائم ڪرڻ ۽ هيڻن کي ڏاڍن کان بچائڻ (اڄ ڪلهه ڏاڍن کي ۽ ظالمن کي هيڻن ۽ مظلومن جي خلاف مدد ڏني وڃي ٿي).

هڪڙي ڀيري حضرت عمر پنهنجي خلافت جي زماني ۾ جمعي جو خطبو ڏيئي رهيو هو ته هڪڙي ٻڍڙيءَ عورت سندس غلطي درست ڪئي جنهن تي حضرت عمر خدا جا شڪر ادا ڪيا. هڪڙي ڀيري جڏهن خطبو شروع ڪيائين ته مسلمانو! ٻڌو ۽ حڪم جي تعميل ڪيو. تڏهين هڪڙي مسلمان اٿي چيو ته نڪي ٻڌنداسين نڪي حڪمن جي تعميل ڪنداسين ڇو ته تو اسان سيني کي هڪ هڪ چادر ڏني آهي ۽ پاڻ کي ٻه چادرون ڏنيون اٿيئي. حضرت عمر پنهنجي پٽ ڏي اشارو ڪيو هُن اٿي چيو ته منهنجو پيءُ قد آور آهي تنهنڪري هڪ چادر ڪيس پوري نه ٿي بيٺي. مون پنهنجي چادر به ڪيس ڏني، ٻنهي کي ڳنڍي هڪ چادر ڪري پاتي اٿس جا توهان ڏسو ٿا ۽ توهان ڏسو ٿا ته مون کي اهڙي چادر ڪلهن تي ڪانهي. پوءِ سيني کي پڪ ٿي ته حضرت عمر پاڻ کي وڌيڪ چادر ڪانه ڏني آهي. هڪڙي ڀيري ڪيس ڪنهن بيماريءَ سبب ماکيءَ جي ضرورت پئي پر ماکي ڪانه ملي سگهي. بيت المال ۾ ماکي پيل


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

هئي پر ان مان ڪجهه ڪٽي ڪائڻ جائز نہ سمجهائين. پوءِ جڏهن ڪائونسل ڪيس منظوري ڏني تڏهن ان مان ٿوري استعمال ڪيائين.

چارئي خليفا حضرت رسول الله ﷺ جي نقش قدم تي هليا ۽ نهايت سادي زندگي اختيار ڪيائون. اڪيلو گهمڻ ڦرڻ ۽ ڪم ڪار ڪرڻ ڪان عار نہ ڪندا هئا ۽ پاڻ پنهنجي سر ٻين جي خدمت بہ ڪندا هئا. ساڳي ڪڪائين مسجد ۾ پٽ تي ويهي ڪاروبار هلائيندا هئا. ڪنهن بہ قسم جو تجمل يا شان شوڪت ڪونہ رکندا هئا. حضرت عثمان غني وڏو مالدار هو. تبوڪ جي سفر وقت حضرت جن ڪي جهاد لاءِ هڪ هزار اٺ ۽ ڏهہ هزار دينار ڏنا هئائين. جڏهن پاڻ خليفو ٿيو تڏهن خلافت جي ڪم سبب سندس واپار شايد گهٽجي ويو هو جو مرڻ وقت تمام ٿورڙي ملڪيت ڇڏيائين. اسان منجهون ڪو مسڪين خليفو ٿئي ها تہ ٻن ٽن سالن اندر پاڻ ڪي ڪروڙ پتي ڪري ڇڏي ها. حضرت علي پنهنجي خلافت جي وقت ۾ هڪڙي يهوديءَ تي قاضي جي ڪورٽ ۾ فرياد داخل ڪيو پر شاهد هوس هڪڙو اهو بہ سندس نوڪر. قاضي ڪيس باطل ٺهرايو. حضرت علي نڪي قاضيءَ تي ڪاوڙيو، نڪي يهوديءَ تي. يهودي اهو انصاف ڏسي خوشيءَ سان مسلمان ٿيو. هڪڙي ڀيري حضرت عمر پنهنجي خلافت جي وقت ۾ قاضي وٽ پنهنجي ڪنهن ڪيس بہ نسبت ويو. قاضي تعظيم ڪان اٿي بيٺو. حضرت عمر فرمايو تہ اها بي انصافي آهي، توکي ٻنهي ڌرين سان هڪ جهڙي هلت ڪرڻي آهي. مطلب تہ حضرت جن ۽ خلفاءِ راشدين جي زماني ۾ خالص جمهوريت قائم ٿي ويئي. حاڪم فقط الله هو ۽ قانون بہ فقط قرآن هو ۽ حضرت جن جا شرعي حڪم بہ مسلمانن لاءِ قانون هئا. ڪنهن بہ مسڪين مسلمان ڪي ڪو بہ امير يا ڪامورو رڳو اڙي بہ نہ چئي سگهندو هو. ڪامل اخوت مساوات آزادي ۽ خودداري هئي.

لا الہ الا الله تي عمل ڪرڻ جو اهو ئي لازمي نتيجو هو.

لا الہ الا الله تي عمل ڪرڻ سان ڇڙو ڇڙ عرب قبيلا هڪ قوم بنجي پيا. وحشي بدوي مهذب قوم ٿي پيا. تهذيب ۽ اخلاقن ۾ عرب مسلمان سڄي دنيا ڪان گوءِ ڪٽي ويا. تنهنڪري قومي طاقت بہ منجهن ايتري قدر پيدا ٿي جو دنيا جي سيني ڪان وڏيڪ طاقتور بادشاهتن ايران ۽ روم تي غالب پئجي ويا.

حضرت عمر جي ڏينهن ۾ ايران، شام ۽ مصر تي مسلمانن جي حڪومت قائم ٿي ۽ مسلمانن جا اعليٰ اخلاق ڏسي اتي جا اڪثر ماڻهو بہ خوشيءَ سان مسلمان ٿيا.

## خانه جنگي ۽ ڪربلا جو واقعو

افسوس جو حضرت عثمان جي خلافت جي زماني ۾ ڪن شريرن ڪوڙي پروپئگنڊا هلائي فساد پيدا ڪيو ۽ حضرت عثمان ڪي شهيد ڪرايو. حضرت عثمان


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڪان پوءِ حضرت علي خليفو ٿيو، مگر حالتون ايتري قدر بگڙي ويون جو خانہ جنگي شرع ٿي ويئي. آخر حضرت عليءَ کي بہ شهيد ڪيو ويو ۽ سندس وڏي پٽ حضرت حسن کي بہ شام جي حاڪم امير معاويہ پنهنجي پٽ يزيد جي فائدي ۾ بيعت ورتي، ۽ معاويہ جي مرڻ بعد يزيد پاڻ کي خليفو چوايو. امام حسين بيعت ڪرڻ کان انڪار ڪيو. ڪوفي جي ماڻهن ڪيس خط لکيا تہ تون اسان ڏي هليو اچ تہ اسان توکي هر طرح مدد ڪنداسين.

حضرت امام حسين ٿورن ماڻهن سان اوڏانهن روانو ٿيو. يزيد کي خبر پئجي ويئي. تنهن لشڪر چاڙهي موڪليو ۽ ڪوفي جي ماڻهن کي ڌمڪائي پنهنجي طرف ڪيائين. امام حسين واپس ورڻ کان انڪار ڪيو ۽ پنهنجي ماڻهن کي چيائين تہ هاڻي سر قربان ڪرڻا آهن. جن کي حياتي پياري آهي تن کي مان خوشيءَ سان اجازت ٿو ڏيان تہ اهي پل واپس هليا وڃن. سو ڪي واپس ويا باقي سر قربان ڪرڻ لاءِ تيار ٿيا. حضرت امام حسين سان پنهنجا حرم مبارڪ ۽ ننڍڙا معصوم ٻار بہ هئا. دشمن پاڻي ڪانئن روڪي ڇڏيو ۽ پري کان تير وسائيندا رهيا. ڪي معصوم پاڪ بہ شهيد ٿيا ۽ آخر ڏهين تاريخ محرم جي، خود امام صاحب کي تير هڻي زخمي ڪري وڌائون ۽ آخر سندس سر وڍي يزيد ڏي ڪٽي ويا. ان کان پوءِ يزيد سيني مسلمانن تي بادشاهہ ٿي ويو ۽ سيني مسلمانن طوعن ڪرهن بيعت ڪئي. جيڪي گوشہ نشين ٿي ويا تن بہ گويا اڻ سڌيءَ طرح بيعت ڪئي. اهڙيءَ طرح خلافت هميشہ لاءِ ختم ٿي ويئي ۽ موروثي ۽ استبدادي بادشاهي قائم ٿي ويئي. جيڪو ڏاڍو ٿيو تنهن پنهنجو گهراڻو قائم ڪيو. اڳتي هلي مسلمانن جون جدا جدا بادشاهتون قائم ٿي ويون، ۽ مسلمان بادشاهہ اڪثر ڪري هڪ ٻئي سان وڙهندا رهيا ۽ بعضي تہ غير مسلم بادشاهن جو طرف وٺي مسلمان بادشاهن ۽ انهن جي بادشاهتن کي تباهہ ڪندا رهيا. پوءِ يورپ وارن ايترو زور ورتو جو مسلمانن جا گهڻائي ملڪ کسي ورتائون ۽ باقي ملڪن تي بہ غلبو ۽ رعب رکي پنهنجو تسلط ڄمايائون. مسڪين مسلمانن تي پوءِ اهي ظلم ٿيا ۽ اهي تباهيون آيون جي تاريخ ۾ پڙهي لونءَ لونءَ ڪانڊارجي ٿي وڃي. شڪر آهي جو هاڻي گهڻين مصيبتن بعد مسلمانن ۾ ڪجهہ هوش آيو آهي ۽ هڪ ٻئي سان ٻڌي ۽ اتفاق ڪرڻ جو خيال منجهن پيدا ٿيو آهي.

پر افسوس هي آهي تہ مسلمانن حضرت علي ۽ امام حسين جي مدد ڪانہ ڪئي جنهن ڪري چوندءِ جي خلافت ختم ٿي ويئي ۽ موروثي ۽ استبدادي بادشاهت قائم ٿي ويئي. انهيءَ ڪري نہ رڳو آخر مسلمانن جي طاقت هلي ويئي ۽ غيرن جا غلام ٿي ويا، پر خود اسلام بہ منجهائن رفتہ رفتہ نڪري ويو ۽ رڳو وڃي پاڇو رهيو. مسلمان زبان سان تہ پوءِ بہ لا الہ الا الله چوندا رهيا پر عملن هن جو ڪلمو هو لا الہ الا يزيد، الا اڪبر، الا سلطان عبدالمجيد خان وغيرهم- اڪثر بادشاهہ ۽ امير ظالم ۽ بدين هئا.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

عالمن لالچ ۽ ڊپ کان ڪوڙيون حديثون ٺاهيون ۽ ڪوڙيون فتوائون ڏنيون ۽ مذهب کي گهٽي قدر بگاڙي ڇڏيائون. بادشاهن ۽ اميرن جي بد عملن ۽ بد اخلاقين جي ڪري ٻيا ماڻهو بہ بد اخلاق ۽ بد ڪار ٿيندا ويا. ۽ ان وقت اسان جي حالت اها آهي جو گهڻن مسلمانن کي تہ لا الہ الا الله جي معنيٰ جي بہ خبر ڪانهي. گذريل تيرهن صدين ۾ امامن، علمائن ۽ بزرگن ڇو مورثي بادشاهت جي خلاف ۽ چوندِ واري خلافت قائم ڪرڻ لاءِ جهاد نہ ڪيو ۽ سر قربان نہ ڪيا سو هڪ درد ناڪ داستان آهي.

هاڻي يورپ جي تقليد ڪري ڪن اسلامي ملڪن ۾ چوندن جو رواج جاري ڪيو ويو آهي. اڪثر اسلامي ملڪن ۾ نالي طور جمهوريت آهي، باقي ٿورن ملڪن ۾ اجا تائين مورثي ۽ استبدادي بادشاه پنهنجو حڪم هلائي رهيا آهن. مگر ڪنهن بہ اسلامي ملڪ ۾ اوائلي جمهوريت، آزادي، خودداري، اخوت، مساوات ۽ انصاف بلڪل ڪونهي.

## سنڌ ۾ چوندون

گهڻي وقت کان لوڪل بوردن ۽ ميونسپالٽين جون چوندون ٿينديون آيون آهن. پر اسلامي سپرٽ ۽ اخلاقن نہ هئڻ ڪري انهن منجهان فائدن کان نقصان گهڻا پي رسيا آهن. اڪثر ڪري اهي ماڻهو چوندجن ٿا جي پئسي وارا ۽ زور وارا آهن. اگرچہ اهي پئسي وارا آهن تہ بہ بد اخلاق هئڻ ڪري رشوتون وٺندا آهن يا ڪم ازڪم پنهنجا فائدا بہ ڪيدا آهن ۽ پنهنجن دوستن ۽ مائٽن کي بہ نامناسب فائدا ڏيئي پبلڪ جا پئسا هضم ڪندا آهن. نہ رڳو ايترو پر آڪٽراءِ وغيره اڳاڙڻ ۾ ڪيترن ئي واپارين سان بيجا رعايت ڪندا آهن. جنهن ڪري آمدني گهٽ ٿئي ٿي، ۽ جن ڪمن تي پيسا خرچڻا آهن، مثلن رستا ٺاهڻ يا جايون ٺهرائڻ تہ پوءِ ٺيڪيدارن کان رشوت وٺي انهن سان بہ گهٽي رعايت ڪندا آهن. مطلب تہ آمدني ٿئي گهٽ ۽ خرچ ٿين وڌا ۽ اجايا. ميمبرن ۽ عهديدارن ۾ ايتري بي ايماني هوندي آهي جو بار بار ميونسپالٽيون سسپيندِ ڪيون ويندون آهن. ساڳيءَ طرح لوڪل بوردن جي حالت بہ ناگفتہ آهي. رستن جا مالهي اڪثر ڪري يا سيئي ميمبرن جا خانگي نوڪر آهن ۽ انهن جو ئي ڪم ڪندا آهن. رستن تي وڻ هاڻي ڪو ورلي آهن.

پر تمام وڏيون خرابيون ۽ تباهيون اسيمبلي جي چوندن مان پيدا ٿيون آهن ۽ ٿينديون رهن ٿيون. ٻهراڙين ۾ وڏن زميندارن جو زور آهي، ۽ اڪثر ڪري اهي ئي ننڍين زميندارن ۽ پيرن کي خريد ڪري انهن جي مدد سان عوام کان ووٽ حاصل ڪندا آهن. ميمبر ٿيڻ لاءِ هو هزارين رپيا بلڪ لکن تائين بہ خرچ ڪري وجهندا آهن. ميمبر ٿيڻ بعد هيڪاري زور وٺندا آهن. ڪامورن مان نامناسب فائدو وٺندا آهن ۽ سنڌن انتظام بگاڙيندا آهن. جن ننڍين زميندارن ڪين ووٽن ۾ مدد ڪئي هوندي تن


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڪي به وڏا فائدا وٺي ڏيندا آهن. اهي ننڍا زميندار اڪثر ڪري چور رکندا آهن، چوريون ڪرائيندا آهن، ڌاڙا هڻائيندا آهن، ڌاڙا هڻائيندا آهن، زالون ڪڍائيندا آهن، ڀنگ ۽ رشوتون وٺندا آهن ۽ عوام تي هرطرح جا ظلم ڪندا آهن. اهي وڏا زميندار ايم – اين – اي (MNA) صاحب انهن ننڍن زميندارن کي قاعدي جي گرفت کان بچائيندا آهن تنهن ڪري بلڪل بي ڊپا تي ظلم ڪندا آهن. ايم ايل اي صاحب پاڻ به ڪو نه ٿا گهٽائين. هنن کي به ڪم از ڪم چونڊن جو خرچ به ته عوام مان ئي ڪڍڻو آهي. پوءِ ظلم نه ڪن ته پلا ٻيو ڇا ڪن. چونڊن جي رواج کان اڳي به زميندار جو زور گهٽو ئي هو. شايد زميندار ي ڏنڌو ئي اهڙو آهي جو اڪثر زميندارن کي وحشي بنايو ڇڏي. هيءَ ڳالهه ته ظاهر آهي ته زميندار اڪثر ڪري عيش عشرتن ۾ غلطان رهن ٿا ۽ علم ۽ تعليم ۾ پست رهن ٿا. ڪي زنا ۾، ڪي نشن ۾، ڪي ڪڪڙن ويڙهائڻ ۾، ڪي ڏاندن ڀڄائڻ ۾ ۽ ڪي ڪتن پالڻ ۾ رات ڏينهن حيران پريشان آهن.

حيرت جي ڳالهه هيءَ آهي ته خود عوام به انهيءَ ظالم زميندار جي ساراهه ڪندو آهي ۽ سندس فرمانبرداري ڪندو آهي. جيڪو چوريون ڌاڙا ۽ خون ڪرائيندڙ هجي ۽ پرايون زالون ڪڍائيندڙ هجي ۽ ڀنگ ۽ رشوتون وٺندڙ هجي. عوام چوندو آهي ته بيشڪ هو مڙس ماڻهو آهي. پر جيڪڏهن ڪو زميندار با اخلاق ۽ انصاف وارو ماڻهو هوندو آهي ته چوندو آهن ته منجهس ڦوڪر ئي ڪانهي، نه سڄڻ کي آسرو نه دشمن کي پوءُ. چيو ويندو آهي ته سنڌ ٻڏل آهي موچڙي سان، سو جيڪڏهن هارين وغيره کي رات ڏينهن موچڙي سان نه ڪٽبو ته مٿي تي چڙهي ويندا ۽ فرمانبرداريءَ کان نڪري ويندا. اي مسڪين عوام اوهان کي هن ڳالهه تي سخت غيرت اچڻ گهرجي. اسلام موجب سڀ مسلمان ڀائر آهن ۽ هڪ جهڙا ۽ برابر آهن. پوءِ توهان چو ظالمن جي پيرن ۾ لتاڙجڻ تي صبر ڪيون ويٺا آهيون ۽ چو پاڻ کي پاڻهي ظلم جو شڪار ٿيڻ ٿا ڏيو. جڏهن ڪو زميندار يا ڪامورو ڪنهن مسڪين تي ظلم ٿو ڪري تڏهن توهان ڪورٽ ۾ شاهدي ڏيڻ کان به انڪار ٿا ڪريو! توهان ايترو به سمجهي نٿا سگهو ته اڄ هن مسڪين تي مصيبت آئي آهي ته سڀاڻي منهنجو به وارو ايندو. پوءِ مون کي به ڪوئي مدد ڪونه ڪندو.

توهان عوام جيڪڏهن پسند ٿا ڪيو ته توهان تي زميندارن ۽ ڪامورن جا ظلم ٿيندا رهن، هو توهان کي نفرت سان ڏسندا رهن، توهان کي ڪتن ۽ ڪڪڙن کان به گهٽ ڪري سمجهن ته پوءِ توهان جو الله واهي آهي. پر جيڪڏهن توهان سمجهو ٿا ته توهان به ٻين جهڙا انسان آهيو، توهان کي به غيرت آهي، توهان به باعزت زندگي چاهيو ٿا ۽ سڌريل ملڪن جي عوام وانگر آزاد ۽ آسودا ٿيڻ چاهيو ٿا ته سجاڳ ٿيو. پاڻ کي نظام هيٺ آڻيو، ۽ ووٽ فقط انهن کي ڏيو جيڪي وڏي علم وارا هجن، اعليٰ اخلاقن وارا هجن ۽ اوهان جا خير خواهه ۽ مددگار هجن.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

## گورنمنٽ، مسلم ليگ ۽ چونڊون

عالم آشڪار آهي تہ 1901ع ڌاري انگريز سرڪار ڪانگريس جي مخالف ۾ مسلم ليگ کي ڪڙو ڪيو. ٿورڙا سرڪار جا پيارا خانبهادر سال ۾ يا ٽن سالن ۾ هڪ ڀيرو ڪنهن هنڌ گڏجي ڪانگريس جي خلاف ٺهراءَ پاس ڪندا هئا، بادشاهہ سلامت جي وفاداريءَ جي تلقين ڪندا هئا ۽ هندن جي خلاف مسلمانن جا ڪي حق طلب ڪندا هئا جن ۾ سندن ڪي فائدو هوندو هو. پر انگريزن ترڪن جي خلاف اٽلي ۾ بلقانين سان همدردي ڏيکاري. پوءِ تہ خود انگريزن ۽ ترڪن جي وچ ۾ لڙائي بہ لڳي. تنهن ڪري مسلمانن جون دليون انگريزن کان ڦرنديون ويون ۽ مسلم ليگ ڪانگريس سان ميلاپ ڪرڻ لڳي. خلافت جي گوڙ بعد انگريزن وري هندن ۽ مسلمانن کي ويڙهائي وڌو. ويتر هندن مسلمانن سان فراخدلي ڏيکارڻ بدران تنگدلي ۽ تعصب ڏيکاريو. تنهنڪري انگريزن ڪاميابيءَ سان محترم محمد علي جناح کي ڪانگريس جي خلاف ڪيو ۽ ليگ کي زور وٺائڻ لاءِ نوابن خانبهادرن وغيره جي مدد ڏني. جيڪي مسلمان انگريزن جي خلاف هئا ۽ جيل ڪاٽيا هئائون سي گهڻو ڪري ليگ مان نڪري ويا. پوءِ ليگ جو ڪم ٿيو رڳو ڪانگريس جي مخالفت ۾ ٺهراءَ پاس ڪرڻ ۽ پاڪستان جي طلب ڪرڻ.

خدا جي فضل سان پاڪستان مليو ۽ مسلم ليگ جي ڪارڪنن کي وڏا وڏا عهدا ۽ ٻيا فائدا مليا، ۽ مسلم ليگ دفن ٿي ويو. جيڪي ماڻهو هاٽي پاڻ کي مسلم ليگي سڏائين ٿا تن گذريل ساڍن ٽن سالن ۾ ڇا ڪيو آهي؟ ڪجهہ بہ نہ. پر نقصان تہ ڪروڙين جا ڪيا اٿن، ۽ ظلم ۽ تباهيون ۽ بد انتظاميون بہ بي حساب ڪيون اٿن. هن وقت پاڻ کي مسلم ليگي اهي ٿا سڏائين جن جي هٿ ۾ طاقت آهي ۽ چاهين ٿا تہ طاقت اسان جي هٿن مان نہ وڃي. گويا هاڻوڪا وزير ايم اين اي گورنر ۽ سندن مددگار ئي مسلم ليگي آهن. جيڪي ٻيا چاهين ٿا تہ اسان بہ ايم اين اي ٿيون ۽ وزير ٿيون تن کي غدار ۽ ڪافر سڏيو ٿو وڃي. جيڪڏهن ائين آهي تہ چونڊن تي ڪروڙين رپيا تباهہ ڇو ٿا ڪيا وڃن ۽ ڇو قوم کي تباهيءَ ۾ وڌو وڃي ٿو. اهڙين چونڊن کان بهتر تہ ائين آهي تہ گورنمنٽ پاڻ ميمبر چونڊي بلڪ ان کان بهتر ائين آهي تہ اسيمبلي هئڻ ئي نہ گهرجي.

اسيمبليءَ لاءِ ٽڪٽون انهن کي ڏنيون وڃن ٿيون جي اڪثر ڪري زميندار آهن. سڀ ڪنهن کي معلوم آهي تہ 95 في سيڪڙو زميندار جاهل ۽ بد اخلاق ظالم آهن. پوءِ انهن کي ٽڪٽ ڇو ٿي ڏني وڃي؟ انهيءَ لاءِ تہ غريب وزير ٿيڻ جي ڪوشش ئي نہ ڪندا ۽ وزارتون وري بہ اسان ئي ناهينداسين. عوام پيڙجن تي پلي پيڙجن. زور وارن کي ٽڪٽون ڏئي وري انهن کي سچي گورنمنٽ ۽ عملدارن کي بيجا ۽ بيقاعدي مدد ڏيڻ آهي. عوام کي هڪڙي هٿ سان ووٽ جو حق ڏيڻ ۽ ٻئي هٿ سان ووٽ جو حق


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ پاڳي پائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڪسي ونڻ. ڇو نہ ٿي گورنمنٽ اعلان ڪري تہ ٽڪٽ ڏيڻ جو دستور بند ڪيو وڃي ۽ ڇو نہ ٿي سرڪار هر هڪ ووٽر جي ڌيان تي آڻي تہ توهان ووٽ انهيءَ کي ڏيو جو علم ۾ ڀين کان وڌيڪ هجي ۽ اخلاق ۾ بهتر هجي ۽ عوام جو خير خواهہ هجي؟ سبب پڌرو پيو آهي تہ جن جي هٿن ۾ طاقت آهي سي نٿا چاهين تہ آزاد چونڊون ٿين ۽ اسان تڏجي وڃون. سيفٽي ايڪٽ اهو بيقاعدي قانون آهي جنهن جي وسيلي ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي بنا ڪيس هلائڻ جي جيل ۾ رکي سگهجي ٿو. اسلام ڪو اهڙو قانون سيکاريو آهي ڇا؟ اهو قانون اڪثر ڪري مخالفن کي دٻائڻ لاءِ ڪم آندو وڃي ٿو، جي ويچارا ميمبر ۽ وزير ٿيڻ چاهين ٿا. مسلم ليگ آهي ئي ڪونہ سا حقيقت اهڙي ڇٽي آهي جهڙو سج. جيڪڏهن ڪو چمڙو پنهنجي انڌائيءَ سببان سج کي نہ ڏسي سگهي تہ پوءِ سج جو ڪهڙو قصور؟ ڏٺو ويو آهي تہ چونڊن بعد هڪدم وزارتن لاءِ خود ليگي سڏائيندڙن جي وچ ۾ ويڙهہ شروع ٿي ويندي آهي. ہ ليڊر ۽ ہ پارٽيون ٺهنديون ۽ هر هڪ پارٽي ميمبرن کي پاڻ ڏي آڻڻ جي ڪوشش ڪندي آهي. ميمبر بہ ان وقت آڪڙ جي آسمان تي چڙهي ويندا آهن. پوءِ ڪن کي وزارت آڇي پنهنجي طرف ڪيو ويندو آهي تہ ڪن کي پارلياامينٽري جو عهدو ڏيئي خريد ڪبو آهي تہ ڪن کي ٻيا فائدا آڇي عهد اقرار ڏئي پنهنجي پاسي ڪيو ويندو آهي. مثلن ڪن کي چيو ويندو آهي تہ مان تنهنجي پٽ يا ڀائٽي کي وڏي نوڪري وٺائي ڏيندس تہ ڪن کي چيو ويندو آهي تہ مان توکي 110 قلم جي زد کان بچائيندو رهندس، تو ڀلي چوريون ڪرائيندو رهہ. ٽي (3) وزير ڪافي هجن تہ بہ ڇهہ (6) وزير مقرر ڪيا ويندا آهن. پارلياامينٽري سيڪريٽري تہ ڪو بہ ڪم ڪونہ ڪندا آهن تہ بہ ڪين هڪ هزار رپيا مهينو مفت ۾ ڏنو ويندو آهي ۽ پبلڪ ۽ عوام جو پيسو اهڙي طرح لٽيو ويندو آهي جو خدا جي پناهہ!

متي چيو اٿم تہ ليگي سڏائيندڙ پاڻ ۾ ئي وڙهندا رهندا آهن.

ڏسو محترم سنائي سيد کي، سنڌ مسلم ليگ جو پريزيڊنٽ هو تہ بہ ليگي ليڊرن مرحوم شيخ غلام حسين ۽ محترم کهڙي سان ٽڪٽن بہ نسبت ٽڪرجي پيو ۽ ليگ مان ڪڍيو ويو. چونڊن بعد خود محترم کهڙي مرحوم شيخ صاحب کي چيف منسٽري تان ڪيرائڻ چاهيو مگر محترم جناح ڪيس روڪي ورتو. وري جڏهن مرحوم شيخ صاحب گورنر ٿي ويو ۽ کهڙو صاحب چيف منسٽر ٿيو تڏهن خود سنڌس ڪئبنيٽ جا وزير مير صاحب ۽ پير صاحب سنڌس خلاف اٿي کڙا ٿيا ۽ جناح صاحب ڪيس تڏي پير صاحب کي وزير اعظم بنايو. اڃا ٿورو وقت مس گذريو تہ پير صاحب اسيمبليءَ مان ئي ڪڍيو ويو. پوءِ مير صاحب چيف منسٽر ٿيڻ چاهيو مگر کهڙي پارٽيءَ سيٺ يوسف هارون کي اڳواڻ بنائي پنهنجي وزارت ٺاهي. اڃا ڪجهہ وقت مس گذريو تہ خود سيٺ صاحب سان بہ اٽڪٽ شروع ٿي ويئي. ڪيس ڪنهن بہ


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

تڪ مان ٽڪيٽ نہ ڏني ويئي. تنهن ڪري هن چيو ته جو مير صاحب ۽ قاضي صاحب کي وزارت مان ڪڍي محترم مولا بخش ۽ محترم رحيم بخش کي وزارت ۾ آڻي سکر تڪ مان بنا مقابلي پاڻ چونڊايائين. پوءِ تہ سيٺ صاحب جي اهڙي حالت ٿي جو مجبورن وري مير صاحب ۽ قاضي صاحب کي وزارت ۾ آندائين. پر آخر چيف منسٽري ڇڏي هليو ويو. هاڻي وري ٻڌجي ٿو تہ خود کهڙي صاحب ۽ قاضي صاحب جي وچ ۾ اٽبٽت شروع ٿي ويئي آهي.

ناظرينو! هاڻي پاڻ فيصلو ڪيو تہ هيءَ مسلم ليگ آهي يا وزارت ۽ طاقت هٿ ڪرڻ لاءِ رات ڏينهن سانن جي ويڙهہ لڳي پيئي آهي. وڙهن سان لتاڙجن ٻوڙا! ويچارا عوام ٻوهي ۾ اچي ويا آهن. چور، ڌاڙيل، ظالم زميندار، ظالم پوليس ۽ ٻيا عملدار سڀ ڪين ظلم جي گهاڻي ۾ پيڙي رهيا آهن. سٽريل ملڪن جا مزدور بہ پنهنجون موٽرون ٽا رکن. هتي تہ هارين کي رڳو لسي بہ ڍؤ تي ڪا نہ ٿي ملي. سياري جي سرديءَ ۾ سوٽي قميص بہ ڪن کي ڪا نہ هوندي آهي. ڪن کي سوڙ آهي تہ ڪن کي رلهي بہ ڪانهي. بيمارين جي علاج لاءِ بہ گهٽن کي پيسو ڪونہ هوندو آهي. پر سڀ ڪان خراب ڳالهہ هي آهي تہ نہ سندن ڍڳو ڍور سلامت آهي، نہ عزت سلامت نہ جان سلامت ۽ نہ عورت جي عظمت سلامت آهي. ڪين علم ۽ دين ڪان بہ محروم رکيو ويو آهي.

## چونڊن ۾ ڪميٽيون حرڪتون

جڏهن چونڊن جو وقت اچي ٿو تڏهن گهٽن جي لاءِ مزو مچي ٿو. ايڊيٽر صاحب پيسا وٺي ڪري اميدوارن جي فائدي ۾ قلم کي خوب جوش ڏيارين ٿا، ۽ اوهان عوام سمجهو ٿا تہ جيڪي ايڊيٽر صاحب لکن ٿا سو وحي ڪان بہ وڌيڪ سچ آهي. بهر خدا چونڊن بہ نسبت ايڊيٽرن تي اعتبار نہ ڪيو. پنهنجون اکيون کولي پاڻ ڏسو. پير ۽ مرشد بہ وڏيون رقمون وٺي پنهنجي مريدن کي برغلائڻ لاءِ نڪري نروار ٿيندا آهن. اوهان عوام چوندا آهيو تہ اسان کي پنهنجي مرشد جو حڪم ضرور مٺو آهي. اوهان کي اها خبر نہ ٿي پوي تہ ڪٿي مرشد جو حڪم، ڪٿي خود خدا جو حڪم. اوهان جي مرشد تہ پيسا وٺي کيسا ڀريا پر توهان کي کهڙو ضرور پيو آهي جو خدا جي نافرماني بہ ڪيو ۽ پنهنجي پير تي ڪهاڙو بہ هڻو. ظالمن کي ووٽ ڏيئي طاقتور بنائڻ جي معنيٰ آهي پنهنجو خانو خراب ڪرڻ ۽ ملڪ جي ٻيڙي ٻوڙڻ. مولوي صاحب جي فائدي ۾ وعظ ڪندا آهن ۽ قرآن شريف جون آيتون منڊي آواز سان پڙهي غلط تاويل ٻڌائي جاهلن کي برغلائيندا آهن. تنهن ڪان پوءِ اهي چالاڪ اميدوار سيني زميندارن ۽ پڇنديءَ وارن کي پيسا ڏيئي يا لالچون ۽ اميدون يا ڌمڪيون ڏيئي پنهنجي طرف ڪندا آهن ۽ اهي بہ اوهان مسڪينن کي لٽ يا چٽ يا ٻئي ڏيکاري توهان ڪان ووٽ حاصل ڪندا آهن.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

توهان عوام اهو بلڪل خيال ڪو نہ ڪندا آهيو تہ ميمبر ٿيڻ لاءِ وڏيڪ لائق ڪير آهي. توهان چوندا آهيو تہ فلاڻو اميداوار اسان جي قوم جو سردار آهي، هو بہ چانڊيو يا جوڻيجو آهي ۽ اسان بہ چانڊيا يا جوڻيجا آهيون. تنهنڪري اسان ڪي ذات واري اميدوار کي ووٽ ڏيڻ گهرجي. اسلام موجب سڀ مومن مسلمان ڀائر آهن. ذات پات جو ڀيد فقط ڪافرن وٽ آهي. الله تعاليٰ قرآن مجيد ۾ فرمائي ٿو تہ اي انسانو! مون اوهان کي هڪ مرد ۽ هڪ عورت مان پيدا ڪيو آهي. پوءِ اوهان جون ذاتيون ۽ قبيلا ٺاهيم انهيءَ لاءِ تہ هڪ ٻئي کي سڃاڻو. (مگر) الله وٽ تہ اوهان مان اهو وڌيڪ عزت وارو آهي جو تقويٰ (پرهيزگاري ۽ نيڪ عملن) ۾ اوهان سڀني کان وڌيڪ آهي. ازانسواءِ هيءَ ڳالهہ ضرور خيال ۾ رکو تہ ميمبري کو پنهنجي عزت وڏائڻ ۽ پنهنجي ماڻهن کي فائدن ڏيڻ لاءِ ناهي، پر اٽلندو خود قربانين ڪرڻ ۽ سچي قوم جي خدمت ڪرڻ لاءِ آهي. ظلم ۽ رشوت ڪڍي انصاف امن امان ۽ آسودگي حاصل ڪرڻ لاءِ آهي. تنهنڪري توهان ووٽرن کي فقط هي خيال رکڻو آهي تہ ڪهڙو اميدوار علم ۽ اخلاقن ۾ بهتر آهي ۽ قوم جو وڌيڪ خير خواهہ آهي. پوءِ انهيءَ کي ووٽ ڏيو اگرچہ هو مسڪين ڪوري موچي هجي، اگرچہ هو ٻيءِ ذات جو هجي ۽ اگرچہ هو اوهان جي تڪ ۾ رهندڙ ئي نہ هجي.

پر انهن سڀني کان وڌيڪ خراب ڳالهہ هيءَ آهي تہ چونڊن وقت گهڻيون ئي زبردستيون، ظلم ۽ بيقائدگيون ڪيون وڃن ٿيون. 1946ع واري چونڊ ۾ خود گورنر صاحب سر فرنسز مڊي پنهنجي يارن کي چونڊائڻ لاءِ ور ڪڇي سندرو ٻڌي بيٺو. سڄي سنڌ ۾ گشت ڪري زميندارن ۽ سرڪاري علمدارن تي زور رکيائين تہ ڪيئن بہ ڪري ليگ جي ٽڪٽ وارن کي ڪامياب ڪيو. سو ڪن هنڌن تي تہ اڌ رات ۽ اسر جي وقت پيٽيون ڪوڙن ووٽن سان ڀريون ويون. جڏهن سچا ووٽر ڏينهن جي وقت ووٽ ڏيڻ آيا تڏهن ڪين هڪاليو ويو. جيڪي ووٽر مري ويا هئا يا بيمار هئا يا ٻاهر ويل هئا تن بدران بہ ٻيا ماڻهو آڻي ووٽ داخل ڪرايا ويا. مخالف اميدوارن جي ايجنٽن گهڻائي واڪا ڪيا ۽ ثابتيون پيش ڪيون پر سرڪاري عملدار پاڻ جو ليگ وارن جو طرف وٺي بيٺا هئا سي مظلومن جا واڪا ڇو ٿا ٻڌن. اهڙا اتفاق بہ گهڻا ٿيا جو جن ووٽرن کي مخالف اميدوارن کي ووٽ ڏيڻو هو تن جو پيپر ڦري پاڻ منديئڙو پائي پيٽيءَ ۾ وڌو ويو. قاعدي موجب ووٽ ڳجهو آهي. پيٽي پريرو لڪل هنڌ رکبي آهي جتي ووٽر وڃي لڪي منديئڙو پائي پيٽيءَ ۾ پيپر وجهي اچي. پر گهڻن ئي ووٽرن کي ائين ڪرڻ نہ ڏنو ويو. عوام کي ۽ چڱن ليڊرن کي گهرجي تہ هر هنڌ ميٽنگون ڪري سرڪار کي چتاءُ ڪن تہ يا تہ چونڊن جو سرشتو بند ڪجي يا وري ٽڪٽين ڏيڻ جو سرشتو بند ڪجي يا تہ بيقاعدگيون سختيءَ سان بند ڪجن نہ تہ ضرور فساد ۽ خونريزيون ٿينديون. يقين آهي تہ سرڪار اهي ڳاليهون قبول ڪونہ ڪندي جنهن لاءِ


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

مٿي سبب ڏنا ويا آهن. پر جيڪڏهن عوام سجاڳ ٿيندا ته الله تعاليٰ ڪونه ڪو رستو کولي ڏيندو. الله تعاليٰ ڪارساز آهي. ڏسو تازو دادو ۾ چوٿين چونڊ ٿيڻي هئي. اتي جيڪي بيقاعدگيون ٿيون سي عالم آشڪار آهن. گورنر صاحب کي اپيل ڪئي ويئي جا هن مهينن بعد رد ڪري ڇڏي. هاڻي تازو قمبر شهداد ڪوٽ واري چوٿين چونڊ ۾ به سرڪاري ڪامورن دست اندازي ڪئي ۽ ووٽن واري ڏينهن جيڪي زبردستيون ۽ بيقاعدگيون ڪيون ويون تنهن مان اوهان عوام ۽ نيڪ ليڊرن کي اندازو ڪرڻ گهرجي ته اڳتي هلي ڇا ٿيڻو آهي. پر همت نه هاريو.

همت مردان مدد خدا. الله تعاليٰ جو هڪڙو قانون هي به آهي ته ظالم پنهنجي ظلم ۾ وڌندو ويندو آهي تان جو پاڻ کي پاڻ پنهنجي هٿن سان تباهه ڪندو آهي. پهاڪو آهي ته ڏمرجي ڏيهه ڏٺي ته نه ڏسي ڏنگايون. پر هنن جي ته سرسيءَ مان اوهان کي ۽ ملڪ ۽ قوم کي فائدو پوڻو ڪونهي. فائدو تڏهن پوندو جڏهن اوهان سجاڳ ٿيو، ڪمر همت ٻڌو، پاڻ کي نظام هيٺ آڻيو، ايڪ ٿيو ۽ نيڪ ٿيو. پوءِ خدا توهان ساڻ آهي.

## نظام

ڪنهن ڳوٺ يا ٽن چئن ڳوٺن يا هڪ محلي جا ووٽر يا سڀ بالغ مرد اٽڪل 500 کن گڏجي پاڻ مان 3 يا 5 علم ۽ اخلاقن وارا ماڻهو چونڊين. پوءِ اهي مسڪين هجن توڙي شاهوڪار، زميندار هجن توڙي واپاري يا وڪيل. اهڙيءَ طرح سڄي تڪ مان اٽڪل 150 چونڊيل عيوضي هڪ هنڌ گڏ ٿي پاڻ مان 3 يا 5 اهڙا ماڻهو چونڊن جي علم ۽ اخلاقن ۾ ۽ عوام جي خيرخواهي ۾ ٻين کان بهتر هجن. اهي چونڊيل عيوضي نامينيشن پيپر ڀرين ۽ پوءِ هڪ جي فائدي ۾ ٻيا دست بردار ٿين. جيڪڏهن خود ليگ به اهڙي ماڻهوءَ کي ٽڪيٽ ڏئي جو سچ پچ علم ۾ اخلاقن وارو هجي ۽ عوام ۽ مسڪينن جو خيرخواهه هجي ته پوءِ ان جو مقابلو ڪرڻ نه گهرجي، بلڪ ان جي فائدي ۾ دست بردار ٿي ان جي مدد ڪجي. توهان ڏسندو ته اهڙو ماڻهو ضرور حق ۽ انصاف جو پاسو وٺندو.

مان سمجهان ٿو ته اهڙو نظام قائم ڪرڻ سولو ڪو نه آهي. زميندار ۽ ڪامورا هر طرح رنڊڪون وجهندا، مگر ڪوشش ضرور ڪرڻ گهرجي. نيٺ ڪاميابي حاصل ٿيندي. ڇو ته خدائي قانون آهي ته سچي ڪوشس ڪرڻ سان نيٺ حق جي فتح ٿئي ٿي.

جيستائين مٿئين قسم جو نظام قائم ٿئي تيستائين هر هڪ تڪ جي نيڪ ماڻهن کي خوب پروپيگنڊا ڪرڻ گهرجي. توهان هن ڪتاب ۾ اڳي ئي پڙهيو آهي ته حضرت جن مديني جي حاڪم ٿيڻ لاءِ پاڻ ڪوشش ڪانه ڪئي پر مديني جي ماڻهن پاڻ دعوت ڏيئي کين مديني جو بادشاهه بنايو. ساڳيءَ طرح چئن خليفن پاڻ خليفي ٿيڻ لاءِ خواهش ظاهر نه ڪئي. پر ماڻهن کين زور ڪري خليفو بنايو. حضرت عمر


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

پنهنجي وفات کان اڳي ڇهن ماڻهن جا نالا ڏسيا. 1 - حضرت عثمان 2 - حضرت علي 3 - حضرت عبدالرحمان بن عوف 4 - حضرت سعد بن ابي وقاص (فاتح ايران) 5 - حضرت صالحہ ۽ 6 - حضرت زبير. انهن مان حضرت عبدالرحمان تہ خليفي ٿيڻ کان انڪار ڪيو. حضرت عثمان حضرت عليءَ کي خليفو ڪرڻ چاهيو. آخر گهڻن جي راءِ تي حضرت عثمان کي خليفو ڪيو ويو.

هن مان هڪ ڳالهہ هيءَ ڏسي سگهو ٿا تہ خلافت يا حڪومت يا ميمبري يا گورنري ذاتي فائدن يا ذاتي عزت وڏائڻ لاءِ ناهي. پر قوم جي خدمت ڪرڻ لاءِ آهي ۽ قوم ڪي ئي پنهنجا حاڪم چونڊيندا آهن. اهي حاڪم قوم جا پگهار تا ڪائن تنهنڪري قوم جا خادم ۽ زيردست آهن ۽ ڪين قوم سان وفادار ٿي رهڻو آهي ۽ رات ڏينهن قوم جي ڀلي جا ڪم ڪرڻا آهن. اهو ئي سبب هو جو ڪو بہ خليفي ٿيڻ لاءِ اهڙيءَ طرح خواهشمند نہ هو جهڙيءَ طرح اڄ جا ماڻهو ميمبريءَ لاءِ وزير ٿيڻ، گورنر يا سفير ٿيڻ ۽ ڪلڪٽر ٿيڻ لاءِ خواهشمند آهن ۽ هزارين ناجائز حيلا ٿا هلائين. ظاهر آهي تہ هو پنهنجي غرض لاءِ نہ ڪي قوم جي خدمت لاءِ اهڙا حيلا ٿا هلائين. پوءِ ڇو اهڙن خود غرض ماڻهن کي ووٽ ڏجي جي پنهنجن مطالبن لاءِ ملڪ ۽ قوم ڪي تباهہ ڪندا رهن. ٻي ڳالهہ هيءَ ڏسي سگهو ٿا تہ سچي چونڊ اها آهي جنهن ۾ ماڻهو پاڻ گڏجي منٿ ڪري ڪنهن نيڪ ماڻهوءَ ڪي اميدوار بيهارين ۽ ڪيس ووٽ ڏين. جڏهن اهو نيڪ ماڻهو ميمبر ٿئي تہ ائين نہ ٿئي تہ اٿلندو هو ووٽرن جو احسان مڃي. هو پنهنجا فائدا ڪونہ وٺندو پر تڪليفون وٺي ملڪ ۽ قوم جي خدمت ڪندو. ملڪ ۽ قوم ڪي خوشحال ۽ آسودو ڪرڻ لاءِ ايترو تہ ڪم ڪرڻو آهي جنهن جو اندازو ڪرڻ ڏاڍو مشڪل آهي. پهريائين تہ ڪامورن جي رشوت، چورن جون چوريون ۽ ظالمن جا ظلم بند ڪرڻا آهن. پوءِ ٻيا بہ سوين ڪم ڪرڻا آهن.

## سنڌ جي نيڪ ماڻهن کي اپيل

نيڪ ماڻهن کي مان گهڻي ادب ۽ نياز سان اپيل ٿو ڪريان تہ عمل جي ميدان ۾ ٽپي پئو. هٿ پير هلائڻ کان سواءِ خدا بہ ڪنهن جي مدد ڪانہ ٿو ڪري. توهان جو پهريون فرض هي آهي تہ هر هڪ ووٽر کي خوب ذهن نشين ڪرايو تہ ووٽ جي اهميت ڇا آهي ۽ ووٽ ڪهڙي قسم جي ماڻهوءَ کي ڏجي. ٻيو فرض اوهان جو هي آهي تہ ووٽرن کي نظام هيٺ آڻيو تہ پنهنجا عيوضي پاڻ پنهنجي ضمير موجب چونڊين ۽ ٻين جي برغلائڻ تي برغلائجي نہ وڃن. توهان ڪين چئو تہ بيشڪ توهان تي ظالمن جو دٻاءُ پوي ٿو ۽ توهان ڪائن ڊڄو ٿا تنهنڪري توهان واعدو ڏيو ٿا تہ اسان ووٽ فلاڻي کي ڏينداسين. بعضي تہ توهان کي قرآن شريف تي قسم بہ کڻايو وڃي ٿو تہ توهان قسم تي واعدو ڏيو ٿا. پر قرآن مجيد ۾ فرمايل آهي تہ غلط ڪم لاءِ يا گناهہ جي ڪم لاءِ قسم تي واعدو ڪيو تہ بہ اهو وعدو نہ پاڙيو. اگرچہ توهان کي خدا کان


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

سواءِ ٻئي ڪنهن ڪان نه ڏيڻ نه گهرجي تنهن هوندي به جيڪڏهن ڏيو ٿا ته پوءِ وعدو پلي ڏيو، مگر ووٽ ڏيڻ وقت توهان کي ڪجهو ووٽ ڏيڻ ڏين، ته پوءِ ووٽنگ پيپر تي به ٽي منڊيٽڙا ڏيئي ڪم از ڪم ووٽ ته خراب ڪري ڇڏيو. ظالم جي ڪاوڙ ڪان بچڻ لاءِ ائين چئي سگهندو ته مان ته پاڻ گهٽا ووٽ ڏنا، مون کي ڪهڙي خبر ته ائين ڪرڻ سان ووٽ خراب ٿيندو آهي؟ جيڪي بيقاعدگيون ٿين سي نيڪ مردن کي ٻڌايو ته هو جيڪي ڪري سگهن سو ڪن. پر وڏو زور هن ڳالهه تي ڏيو ته خدا کان سواءِ ڪنهن ٻئي کان ڏيڻ اسلام جي بلڪل خلاف آهي. فقط الله جي ٻانهپ ڪريو، فقط ڪانئس مدد گهرو، مٿس ئي توڪل رکو ۽ رڳو ڪانئس ڏڄو، پوءِ هو ڪارساز توهان جي جرائت ۽ نيڪ عملن جو اجر اوهان کي ضرور ڏيندو.

## لا اله الا الله محمد الرسول الله

لا اله الا الله جي معنيٰ آهي ته اسان جو معبود (جنهن جي ٻانهپ ڪيون سو) فقط الله آهي. اسان جو مقصود ۽ مطلوب به فقط الله آهي. جڏهن اسان الله جي ٻانهپ ڇڏي زميندارن ۽ ڪامورن جي ٻانهپ اختيار ڪئي ۽ هنن فرعونيت اختيار ڪري خدائي جي دعويٰ ڪئي، تڏهن ته اسان ذليل، سچا ۽ تباهه ٿي وياسين ۽ ڏارين ڪافرن جي غلاميءَ هيٺ اچي وياسين. محمد رسول الله جي معنيٰ آهي ته حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ الله جو رسول يعني پيغام پهچائيندڙ آهي. هن اسان کي قرآن مجيد جو پيغام پهچايو. هاڻي اسان تي فرض آهي ته قرآن مجيد معنيٰ سان پڙهون ۽ ان تي عمل ڪيون. افسوس جو اڄوڪي زماني ۾ رڳو زبان سان ڪلمون شريف پڙهون ٿا، مگر نڪي ان جي معنيٰ سمجهڻ جي ڪوشش ٿا ڪيون نڪي ان تي عمل ٿا ڪيون.

غير مسلمانن علم ۽ عقل جي وسيلي اسان کان اخلاقن ۾ به بهتر ٿي ويا آهن ۽ دولت ۾ به برتر آهن ۽ اسان تي غالب به آهن. افسوس جو اسان قرآن هوندي به پست پئجي وياسين ۽ ٻيا دنيوي علم جي ڪري اسان تي غالب پئجي ويا. جرمني، جاپان، آمريڪا وغيره اوتري قدر ترقي ڪري ٿا وڃن جيتري قدر منجهن اخلاق بهتر آهن. انهيءَ ۾ شڪ ڪونهي ته هو علم ۽ عقل ۾، سچائيءَ ۽ ايمانداريءَ ۾ ۽ محنت ۽ ڪفايت شعاري ۾ اسان کان گهڻو بهتر آهن. هنن جو عملي ڪلمون آهي لا اله الا قومنا يعني اسان جو خدا فقط اسان جي قوم آهي. هو پنهنجي قوم لاءِ قربانيون ڪن ٿا ۽ پنهنجي قوم کي اوج تي پهچائين ٿا. پر افسوس جو پنهنجي قوم جي ظاهري فائدي لاءِ ٻين قومن سان ظلم ڪن ٿا. تنهن ڪري خون خوار لڙائيون لڳن ٿيون ۽ تباهه ٿين ٿا. سچو ڪلمون شريف اهو آهي ته فقط الله ئي اسان جو خدا آهي جو رب العالمين آهي، تنهن ڪري اسان کي سيني ماڻهن ۽ قومن سان انصاف ۽ رحمدلي سان پيش اچڻ گهرجي. مگر افسوس ته اسان مسلمانن جو عملي ڪلمون يورپي قومن جي ڪلمي کان به گهڻو بدتر آهي. اسان جو ڪلمون آهي لا اله الا انا يعني مان ئي خدا آهيان،


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

۽ خود غرضي ئي منهنجو مقصود ۽ مطلوب آهي. مان دولت جو پوڄاري آهيان مون کي زور ۽ زر جي طلب آهي انهيءَ لاءِ ته مان دنيائي موجون ماڻيان ۽ عيش عشرتون ڪيان. مان پنهنجي غرضن لاءِ قوم کي به قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. عقل ۽ ڪيڏ سان قربان ڪندو رهيو آهيان ۽ قوم مون کي ليڊر سڏي رهي آهي. افسوس آهي قوم جي جاهليت تي جو مڪارن ۽ ظالمن کي پنهنجي مٿان حاڪم بنائي رهي آهي.

## ووٽ جي اهميت

ووٽ خدائي امانت آهي جنهن کي غلط استعمال ڪرڻ سان سڄي قوم جي مصيبتن جو گناهه ووٽ ڏيندڙ تي پوي ٿو.

ووٽ جو حق پهريائين اسلام عوام کي ڏنو مگر معاويه ۽ يزيد اهو حق کسي ورتو. هاڻي يورپي ماڻهن کان اسان به ووٽ جو رواج سکيو آهي. مگر ووٽ جي اهميت ۽ ووٽ جي معنيٰ عوام کي بلڪل ڪانه ٿي سيڪاري وڃي. ووٽ ڏيڻ جي معنيٰ آهي حاڪم چونڊڻ، ان جي بيعت ڪرڻ ۽ ان کي حضرت رسول الله ﷺ ۽ خلفاءِراشدين جو جانشين ڪرڻ. مسلمان جيڪڏهن حضرت جن ۽ خلفاءِراشدين جي تاريخ پڙهن ته کين خبر پئجي وڃي ته حاڪمن ۾ ڪهڙا اخلاق هئڻ گهرجن ۽ ڪيئن هنن کي امن امان قائم رکڻ گهرجي ۽ ڪيئن مسڪينن کي ڏاڍن جي ظلم کان محفوظ رکجي ۽ ڪيئن قوم کي بلند اخلاق، آسوده حال، طاقتور ۽ غالب ڪجي. سندن تاريخ مان معلوم ڪري ٿو سگهجي ته حاڪم انهن کي مقرر ڪرڻ گهرجي، يعني ووٽ انهن کي ڏجي جن ۾ خود غرضي نالي ماتر به ڪانه هجي ۽ قوم جي خدمت لاءِ سندن دل تڙپندي هجي. اها سچي ڳالهه آهي ته هن وقت حضرت ابوبڪر صديق جهڙا انسان ملڻ مشڪل آهن. پر انهيءَ جو اهو مطلب ناهي ته انهيءَ ڪري ڪنهن به ظالم بدمعاش کي ووٽ ڏيئي وزير بنائي ڇڏجي. اسان وٽ جيڪي ماڻهو موجود آهن تن ۾ سڀ اڳريون برابر ناهن. اڄوڪن چڱن ۽ خراب ماڻهن جي وچ ۾ به ايڏو تفاوت آهي جيڏو اونداهه ۽ روشنائيءَ جي وچ ۾ يا اڇاڻ ۽ ڪاراڻ جي وچ ۾. عوام پاڻ به سمجهي سگهن ٿا ته فلاڻو فلاڻي کان اخلاقن ۾ بهتر آهي خود زميندارن ۾ به چڱا ماڻهو آهن. مثلن ٽنڊي باگي وارو مرحوم مير غلام محمد خان جنهن مدرسي جو بنياد وڌو تنهن لکين رپيا قوم لاءِ خصوصن لاڙ جي مسلمانن لاءِ قربان ڪيا. نالن وٺڻ کان مان حذر ٿو ڪيان مگر سچ پچ ڪي زميندار اهڙا به آهن جي ٻين کان صد بار بهتر آهن. زميندارن کي ڇڏي ٻين ماڻهن جا مثال ٿو ڏيان. دادو ضلعي ۾ جناب علي بخش چنا صاحب مسٽر شفيع محمد صاحب وڪيل جناب عبدالعزيز صاحب سولنگي ۽ ٻيا نه رڳو اعليٰ تعليم يافته آهن پر اخلاقن ۾ به گهڻن کان چڱا آهن ۽ گهٽي قدر ديندار آهن. اهڙا ماڻهو سنڌ ۾ ٻه ٽي سو ته ضرور هوندا. جيڪڏهن اهڙن ماڻهن کي اميدوار بيهاري ڪامياب ڪجي ته ملڪ جون حالتون هڪدم ڦري وينديون، چوريون


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

۽ رشوت خوريون بند ٿي وينديون، انصاف ۽ امن امان قائم ٿيندو ۽ عوام آسوده حال ٿي ويندو. وڏي چڱائي هيءَ ٿيندي جو قوم جا اخلاق بلند ٿيندا ۽ ممڪن آهي ته ذري گهٽ حضرت ابوبڪر صديق جهڙا انسان به پيدا ٿي پون. مان وري به نيڪ مردن ۽ عوام کي اپيل ٿو ڪريان ته خدا جي واسطي حضرت جن ۽ خلفاءِ راشدين جي گاديءَ تي اهڙا ماڻهو نه وهاريو جي زنا ۽ شراب خوري ڪندڙ، چوريون ڪرائيندڙ، ڀنگ وٺندڙ يا رشوتون ڪائيندڙ هجن، جي ڪوڙا منافق ٺڳبار هجن ۽ مسڪينن تي ظلم ڪندڙ هجن. توهان انهن کي ووٽ ڏيو جي ايماندار هجن ۽ ٻين انسانن جا خيرخواهه هجن.

اي نيڪ مردا! جيستائين اهڙو نظام قائم ڪيو جو عوام پنهنجو عيوضي پاڻ چونڊين تيستائين توهان جو فرض آهي ته توهان پاڻ خود قرباني ڪري ميمبريءَ لاءِ بيهو ۽ نامينيشن پيپر ڀريو. فڪر ناهي جيڪڏهن ناڪامياب ٿيو. خدا وٽان اوهان کي وڏو اجر ملندو. ناڪامايابي ڪاميابين جو بنياد آهي. ڏسو هوائي جهازن جي ٺاهڻ وارن پنهنجون جانيون قربان ڪيون مگر آخر ايتري ڪاميابي حاصل ٿي جو اڄ بادشاهه ۽ راڻيون به تفريح لاءِ هوائي جهازن جي سواري ڪن ٿيون. اهو خدائي قانون آهي ته ڪوشش ثابت قدميءَ سان ۽ ناڪامياببين ۽ قربانين سان آخر ڪاميابي حاصل ٿئي ٿي. جيڪڏهن توهان هن ڀيري ڪامياب نه ٿيندؤ ته قوم کي ايتري قدر سجاڳ ڪري سگهندؤ جو ٻين چونڊن ۾ اوهان مان ڪي ڪامياب ٿي ويندا. ۽ ان ڪان پوءِ ايندڙ چونڊن ۾ گهڻا نيڪ ماڻهو چونڊبا.

اسان جي ملڪ ۾ جيڪي سياسي پارٽيون پئي ٺهيون آهن سي به انگليند جي انڌي تعليم سببان. اسان وٽ اجا ڪو اصولن جو تفاوت آهي ئي ڪونه. تنهنڪري پارٽيون شخصي بنياد تي قائم ٿيون آهن، مثلن پهريائين مرحوم شيخ غلام حسين ۽ محترم سر شاهنواز خان ڀٽو جي وچ ۾ چتاپيتي هئي. شيخ غلام حسين اهڙي ڪيڏ ڪيڏي جو سر شاهنواز خان چونڊجي ڪونه سگهيو ورنه وزير اعظم ضرور سرشاهنواز خان ڀٽو ٿئي ها. اهڙيءَ طرح اڄ تائين رڳو وزارتن هٿ ڪرڻ لاءِ پارٽيون پئي ٺهيون آهن. حقيقت ۾ پارٽيون ٺاهڻ اسلام جي خلاف آهن. في الحال وڏي ۾ وڏو مسئلو آهي رشوت ۽ چوريون بند ڪرڻ ۽ امن امان قائم رکڻ. ان لاءِ ضروري آهي ته فقط هن اصول تي چونڊون ٿين ته جيڪو وڌيڪ علم وارو ۽ بهتر اخلاقن وارو انصاف پسند اميدوار هجي تنهن کي ووٽ ڏجي.

اميدوار کان هيٺ ڏنل ڳالهين جا ۽ اهڙا ٻيا وعدا لکائي وٺجن. پوءِ جيڪڏهن هو ميمبر يا وزير ٿئي ۽ اهي وعدا پورا نه ڪري ته ٻئي ڀيري ڪيس ووٽ ڏيڻ نه گهرجي:-

1) آءُ فقط الله جي ٻانهپ ڪندس ۽ ڪنهن کي ساڻس شريڪ نه ڪندس. قرآني حڪمن جي خلاف ڪنهن جو به حڪم نه مڃيندس.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

2) آءُ قرآن مجيد هر روز ڪم از ڪم ڏهه منٽ معنيٰ سان پڙهندس ۽ ٿي سگهندو ته پاڙيوارن کي پڙهي ٻڌائيندس.
3) آءُ زنا، چوري، شراب خوري ۽ جوا بازي نڪي ڪندو آهيان نڪي ڪندس. بلڪ انهن جي بند ڪرڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ونندس.
4) آءُ رسائي ۽ رشوت نڪي وٺندس، نڪي ڏيندس.
5) آءُ پاڻ کي يا ٻين کي بيجا ۽ نامناسب فائدا نڪي پاڻ کي ڏيندس نڪي ٻين کان وٺي ڏيندس.
6) سرڪاري عملدارن جو انتظام خراب نه ڪندس، بلڪ کين چڱي انتظام رکڻ ۽ ڏوهن بند ڪرڻ ۾ مدد ڪندو رهندس.
7) مان خودغرضيون ڦٽي ڪري ملڪ جي ڀلي لاءِ پنهنجي سڀ طاقت صرف ڪندس.
8) مان رسائي، رشوت ۽ پوليس ۽ زميندارن جا ظلم بند ڪرڻ جي لاءِ سخت ڪوشش ونندس ۽ ڀهراڙيءَ ۾ چوريون وغيره بند ڪرائي امن امان قائم ڪندس.
9) عوام يعني هارين ۽ مزدورن جي حالت سڌارڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪندس. منهنجو خاص مقصد اهو ٿيندو ته ڪامورو يا ڪو به ٻيو ماڻهو ڪنهن به مسڪين کي نه گار ڏيئي سگهي نه چماٽ هڻي سگهي نه بيگر وهائي سگهي. ملڪ ۾ پوري پوري آزادي خودداري مساوات ۽ اُخوت پيدا ٿي وڃي.
10) آءُ اها به ڪوشش ونندس ته مزدورن ۽ هارين جي مالي حالت سڌري ۽ هو خوش زندگي گذاري سگهن. هنن کي ڪم از ڪم اَنُ، ڪپڙ، مکڻ، ڏڌ جي ڪمي ڪانه هجي. گوشت، مڇي، ڀاڄيون به خريد ڪري سگهن. سياري جي لاءِ گرم ڪوٽ ۽ سوڙيون ڪافي هئڻ گهرجن. سندن گهر صاف ۽ هوادار هجن. ڍڳن ڍورن ۽ گاهه وغيره لاءِ جدا لانڍيون هجن. کين تعليم مفت ڏني وڃي ۽ مرڪزي ڳوٺن ۾ خيراتي اسپتالون هجن. کين تعليم مفت ڏني وڃي ۽ مرڪزي ڳوٺن ۾ خيراتي اسپتالون هجن. جيئن ڪنهن به مسڪين کي دوا درمل تي خرچ ڪرڻو نه پوي. مان اهڙيون رٿون ٺاهيندس جن موجب مزدور ۽ هاري هر قسم جا گهرو هنر سکي پنهنجو فرصت جو وقت سجايو ڪن ۽ وڌيڪ پيسا ڪمائي سگهن وغيره.

آخر ۾ مان دائمي سعادت ۽ ترقيءَ لاءِ هڪ نسخو ٿو ڏيان جنهن کي مان نالو ٿو ڏيان قومن جي دائمي زندگي ۽ طاقت لاءِ اسلامي اڪسير.

علم سان گڏ عمل تقويٰ ۽ نيڪ اخلاق
دولت سان گڏ سادگي محنت ۽ سخاوت
حڪومت سان گڏ نماٽائي عدل ۽ انصاف


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# اخلاقي گلدستو

**تقرير دلپذير**

مسلمان ڀائرو! اوهان سڀئي چاهيو ٿا تہ اسان خوشحال ۽ آسودا هجون، تندرست ۽ طاقمند هجون، بيمارين ۽ دوائن کان ڇٽل رهون، چڱا چڱا کاڌا جهڙوڪ کير، مکڻ، گوشت، مڇي ۽ ميوا کائون. چڱا چڱا ڪپڙا جيڪي اونهاري جي گرميءَ ۽ سياري جي سرديءَ کان بچائين، سي پهريون. اهڙن ڪشادن گهرن ۾ رهون جن ۾ گرميءَ ۽ سرديءَ کان بچاءُ هجي ۽ صفائي ستائي موجود هجي. چورن، ٺڳن، بدمعاشن ۽ ظالمن جي لچاين ۽ ظلمن کان آزاد رهون. مطلب تہ هر طرح دنيا ۾ خوش ۽ باعزت رهون. اِهي اوهانجون خواهشون ۽ تمنائون آهن تہ پوءِ انهن مراد حاصل ڪرڻ لاءِ ڇا ٿا ڪريو ۽ ڇا ڪرڻ گهرجي. مان اوهانکي يقين سان ۽ ثابتين سان ٻڌائيندس تہ فقط علم جي وسيلي ئي اوهان پنهنجون اهي سڀ مرادون حاصل ڪري سگهندؤ. جيڪڏهن اوهان سڀ پڙهيل هجو ۽ چڱا چڱا ڪتاب پڙهندا رهو تہ پوءِ ترقي ۽ سڌارو جلد اچي ويندو.

مسلمان ڀائرو! مثال گهڻي ئي آهن مگر مان اوهانکي فقط ٻہ مثال پيش ڪريان ٿو. (1) جپان جو ۽ (2) ترڪيءَ جو. ستر (70) سال اڳي جپان جا ماڻهو بلڪل جاهل هئا، جهل جي ڪري بلڪل سڃا ۽ مصيبتن ۾ گرفتار هئا. خوش قسمتيءِ کان سندن بادشاه کي پنهنجي رعيت سان همدردي پيدا ٿي. هن علم وڌايو. علم جو نتيجو اهو ٿيو آهي جو جپان اڄ ڪلهہ دنيا جي زبردست قوم آهي. جپان جا مزور بہ اسان جي زميندارن ۽ ڪامورن کان وڌيڪ خوش حال آهن. اُنهن جا گهر ۽ ڪپڙا اهڙا صاف ۽ سهڻا آهن جو گويا پَرين جو ملڪ آهي. گهرن جي اڳيان پنيان سهڻا سهڻا باغيچا اٿن. سال 1914ع کان اڳي ترڪن جي حالت بہ ڏاڍي خراب هئي. ترڪيءَ جا سلطان اڌ دنيا تي حڪمران هئا. سندن سلطنت ٽن (3) کنڊن (ايشا، يورپ ۽ آفريڪا) تائين پکڙيل هئي مگر علمي سڌارو نہ ڪرڻ ڪري، ترڪ سڃيا، ذليل ۽ ڪمزور ٿي ويا. اگرچہ ترڪن جهڙي بهادر قوم دنيا ۾ ڪا بہ ڪانهي تہ بہ جاهل هئڻ ڪري يورپ جون ننڍيون ننڍيون بادشاهتون بہ سلطان کان ملڪ ڦريندي رهيون. وڏيءَ لڙائيءَ ۾ بہ ترڪن


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

شڪست کاڌي ۽ سڄو ملڪ دشمن جي چنبي ۾ اچي ويو ۽ ترڪن جي آزاد حڪومت جو خاتمو ٿي ويو. اُن وقت غازي مصطفيٰ ڪمال پاشا دل جو درد سهي نه سگهيو، استنبول مان ڇڇي سر جو سانگو لاهي انگورا ۾ آزاديءَ جو جهنڊو کڙو ڪيائين ۽ لشڪر گڏ ڪري دشمنن کي ملڪ مان ڀڄائي ڪڍيائين. پوءِ ته رات ڏينهن ننڊ ڦٽائي قوم جي سڌاري ۽ ترقيءَ لاءِ پاڻ پتوڙيائين. گهڻو ڌيان علم تي ڏنائين. علم جو شوق ايتري قدر پيدا ڪيائين ۽ اهڙا قانون پاس ڪيائين جو ٻڍا مرد ۽ ٻڍيون عورتون به پڙهي پيون. علم جو نتيجو اهو ٿيو آهي جو ترڪ بلڪل آسودا ۽ خوشحال ٿي پيا آهن. جڏهن جڏهن غازي مصطفيٰ ڪمال پاشا اعلان ڪندو هو ته هيترا ڪروڙ روپيا جنگي هوائي جهازن جوڙائڻ لاءِ هفتي اندر گهرجن ته ترڪ 3 ڏينهن اندر اوترا ڪروڙ رپيا جمع ڪري ڏيندا هئا. نيتجو اهو ٿيو آهي جو ترڪي به جپان وانگر دنيا جي زبردست طاقت آهي. ڪنهن کي به مجال نه آهي ته ترڪيءَ تي حملو ڪري سگهي.

مسلمان ڀائرو! جيڪڏهن هنن مثالن تي به اوهان کي اعتبار نه اچي ته الله تعاليٰ ۽ الله جي رسول الله ﷺ تي ته اعتبار ڪندؤ. جيڪڏهن مسلمان آهيو ته ضرور اعتبار ڪندؤ. قرآن شريف الله جو ڪلام آهي اهو سڄو اُنهن حڪمن ۽ هدايتن سان ڀريل آهي ته علم پڙهو. جڏهن حضرت جن کي نبوت ملي ۽ حضرت جبرئيل وحي کڻي آيو تڏهن پهريان پهريان هي آيتون نازل ٿيون:

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اِقۡرَاۡ بِاسۡمِ رَبِّكَ الَّذِىۡ خَلَقَ ۚ﴿۱﴾ خَلَقَ الۡاِنۡسَانَ مِنۡ عَلَقٍ ۚ﴿۲﴾ اِقۡرَاۡ وَرَبُّكَ الۡاَكۡرَمُ ۙ﴿۳﴾
الَّذِىۡ عَلَّمَ بِالۡقَلَمِ ۙ﴿۴﴾ عَلَّمَ الۡاِنۡسَانَ مَا لَمۡ يَعۡلَمۡ ؕ﴿۵﴾

اُنهن آيتن سڀورين جي معنيٰ هي آهي ته ”پڙهه پنهنجي رب جي نالي سان جنهن خلق کي خلقيو. جنهن انسانن کي رت جي ڄميل ڦڙي مان ناهيو. پڙهه تنهنجو رب اعليٰ شان وارو آهي، جنهن قلم جي وسيلي علم سيکاريو ۽ انسانن کي اهو علم سيکاريائين جو هو نه ڄاڻندڙ هو.“

ڀائرو! انهن آيتن تي ڪجهه غور ڪيو. پهريون پهريون حڪم جو الله تعاليٰ موڪلڻ فرمايو سو اهو آهي ته پڙهو. انهيءَ منجهان اوهان سمجهي سگهندو ته سيني کان ضروري ڳالهه آهي علم پڙهڻ. علم سان ئي الله جي ۽ الله جي رسول جي ۽ اسلام جي خبر پوندي ۽ سڌارو ۽ ترقي ڪري سگهبي. وري فرمايل آهي ته پنهنجي رب جي نالي سان پڙهه. ائين فرمايل نه آهي ته الله جي نالي سان يا رحمان جي نالي سان پڙهه. انهيءَ ۾ به حڪمت رکيل آهي. رب جي معنيٰ آهي نپائيندڙ ۽ ترقيءَ جي اوج تي پهچائيندڙ. يعني اشارو اهو آهي ته علم پڙهندؤ ته ترقيءَ جي اوج تي پهچندؤ. "اهو رب جنهن خلق کي خلقيوءِ اِنهن لفظن ۾ وڏيون حڪمتون سمايل آهن. ڏسو ته مٽي ظاهر ۾ ته ڪهڙي خسيس شيءَ آهي مگر رب تعاليٰ انهيءَ مٽيءَ مان پنهنجي


www.sindhsalamat.com



Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ربوبيت جي وسيلي سهڻا سهڻا وڻ ٽڻ، گل ٻوٽا، ميوا اَناج ۽ ٻاڄيون بنائي دنيا کي گلزا ڪري ڇڏيو ڇڏي. جنهن رب تعاليٰ دنيا جي شين کي ترقي وٺائي ڇوتيئن حڪم ڇو ڪري ته علم پڙهو ته اوهان کي به ڇا مان ڇا بنائي ڇڏيان. وري به الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته پڙهه تنهنجو رب اهو اعليٰ شان وارو آهي جنهن انسان کي (رت جي جميل ڦڙي مان ٺاهيو) قلم جي وسيلي علم سيکاريو. ڏسو وري به پڙهڻ لکڻ جو تاڪيد فرمايل آهي ۽ اشارو اهو آيل آهي ته علم ۽ قلم جي وسيلي ترقي ڪري اعليٰ شان حاصل ڪريو. پڇاڙيءَ ۾ فرمايل آهي ته انهيءَ اعليٰ شان واري رب انسان کي اهڙو علم سيکاريو جو اڳ نه ڄاڻندو هو. ڏسو ته ڪن ڏينهن ۾ جهنگلي ماڻهو جهنگن ۾ اُگهاڙا گهمندا هئا ۽ ڪچو گوشت ڪائيندا هئا. علم جي ڪري اڄ ڪيڏي ترقي ٿي ويئي آهي. اسانجي ۽ اسانجي والدين جي حياتيءَ ۾ ئي ڏسو ته ڪيڏي ترقي ٿي آهي. ڦهريائين ڪلون، ريلون، تار برقيون آيون پوءِ سائيڪلون ۽ موٽر ڪارون ٿهيون هاڻي ته هوائي جهاز پرواز پيا ڪن، اهي سڀ علم جون برڪتون آهن. جنهن آيتن منجهان سمجهي سگهو ٿا ته الله تعاليٰ جو سڀ ڪان ڦهريون ڦهريون ضروري حڪم آهي ته پڙهو ۽ لکو. رڳو پڙهڻ جو حڪم نه آهي پر لکڻ جو به آهي.

حضرت رسول الله ﷺ جا قول به علم بابت گهڻا آهن. پر انهن مان رڳو چار ٻڌائيندس:-

1) پاڻ فرمايو اٿن ته، ”طلب العلم فريضة علي ڪل مسلم و مسلمة. يعني علم جي طلب ڪرڻ سڀ ڪنهن مسلمان مرد توڙي عورت تي فرض آهي.“ هن منجهان سمجهي سگهندو ته الله ۽ الله جي رسول جا حڪم علم بابت ۽ لکڻ پڙهڻ بابت جهڙا مردن لاءِ آهن تهڙا عورتن لاءِ. جيستائين سڀ مرد ۽ سڀ عورتون نه پڙهنديون تيستائين ترقي ڪا نه ٿيندي.

2) ٻيءَ حديث شريف ۾ آهي ته علم واري جي مس شهيد جي رت ڪان به وڌيڪ پاڪ آهي. ڀائرو! ڏسو ته جيڪي اسلام جي خاطر پنهنجو سر قربان ٿا ڪن تن ڪان به علم جي طلب ڪندڙن جو درجو وڏو آهي.

3) ٽئين حديث شريف ۾ آهي ته، ”اطلبوا العلم و لوڪان بالصين. يعني علم جي طلب ڪريو اگرچه اهو علم چين ولايت ۾ ملي.“ ڏسو ڪاڏي عربستان جو ملڪ، ڪاڏي چين ولايت، هزارن ميلن جو مفاصلو آهي ته به رسول الله صعلم جن فرمائين ٿا ته ايترو پري علم ملي ته اُتي به وڃي علم پرايو. اوهان ڀائرن کي ته گهر ويٺي علم نصيب ٿئي ٿو. توهان کي ڪتاب، سليٽون، پنا مفت ۾ ٿا ڏجن پوءِ توهان ڪيئن الله ۽ الله جي رسول جي حڪمن ڪان منهن موڙي علم ڪان انڪار ڪندو؟ اوهان شايد چوندؤ ته علم ننڍي هوندي پڙهبو آهي. هاڻي وڏي ڄمار ۾ اسان تي فرض ڪونهي. مگر حضرت جن فرمايو آهي ته، ”اطلبوا


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

العلم من المهد الي اللحد. يعني ڄمڻ کان وٺي مرڻ تائين علم جي طلب ڪندا رهو.“

مسلمانو! الله ۽ الله جي رسول جا حڪم مڃو. سندن نافرماني نه ڪريو، سچا مسلمان ٿيو، الله تعاليٰ اوهان تي رحم ڪندو ۽ اوهان تي دنيا ۽ آخرت جون نعمتون ۽ برڪتون نازل فرمائيندو.

## حب الوطني ۽ خود قرباني

دنيا جي تاريخ پڙهي ڏسندؤ ته اوهان کي معلوم ٿيندو ته ڪنهن به ملڪ يا ڪنهن به قوم ڪڏهن به ترقي نه ڪئي آهي جيستائين منجهن حب الوطن ۽ خود قرباني جا گڻ پيدا نه ٿيا آهن. قديم يونانين ۽ قديم رومين ۽ هاڻوڪي وقت ۾ انگلنڊ ۽ جرمني، جپان ۽ آمريڪا، ترڪي ۽ ايران جيڪا ترقي ڪئي آهي يا ڪن پيا سا فقط حب الوطني ۽ خود قرباني جي ڪري آهي.

وطن جي حب، ايمان جو جزو آهي. قرآن شريف ۾ حج واري سورت پڙهي ڏسندؤ ته اوهان کي يقين ٿيندو ته اُن ۾ فقط خود قربانيءَ جو سبق سيڪاريل آهي ۽ منجهس ڏيکاريل آهي ته خود قرباني ئي عين اسلام آهي. ارمان جي ڳالهه آهي ته اسان سنڌ ديس ۽ قوم لاءِ خود قرباني ڪرڻ بدارن پنهنجي ديس ۽ قوم کي پنهنجي خود غرضيءَ لاءِ قربان پيا ڪريون.

عوام الناس يعني عام ماڻهن ۾ جي اڪثر ڪري جاهل آهن، ڏسندؤ ته گهڻو ڪري منجهن جهيڙا جهٽا، فساد، هڪ ٻئي کي نگڻ ۽ هڪ ٻئي کي نقصان پهچائڻ بلڪل رواجي ڳالهيون آهن. اڄ ڪلهه ڀيا ته ڇڏيو پر ڀائر، ڀائٽيا ۽ چاچا ماما به هڪ ٻئي جا دشمن ٿي پيا آهن. هي ته ٿيا جاهل، پر تعليم يافته ماڻهن جو ڪهڙو حال آهي! وڏي تعليم حاصل ڪيل يا ته ڊاڪٽر ۽ وڪيل آهن يا سرڪاري ڪامورا آهن. اُنهن يونيورسٽي جون وڏيون ڊگريون حاصل ڪيون آهن ۽ اُنهن شيڪسپيئر، ورڊس ورٿ ۽ ڪارلائل جهڙن شاعرن ۽ مصنفن جا ڪتاب پڙهيا آهن. مگر هو فقط پڙهيا آهن، ڪڙهيا ڪين آهن. ڪامورا وڏيون وڏيون پگهارون تا ڪڻن. ڪين اها ڳالهه به وسريل آهي ته سندن پگهارن ۽ ڀتن جا پئسا آسمان مان ڪونه ٿا اچن پر مسڪين ماڻهن جي کيسن مان ٿا اچن. ديس جي ماڻهن کان ڍلون وغيره وٺي ڪامورن کي وڏيون پگهارون انهيءَ لاءِ ٿيون ڏجن ته هو ديس جي ماڻهن جي خدمت ڪن. سندن حقن جي حفاظت ڪن ۽ ڪين علم ۽ اخلاقن سان سينگاري دولتمند ۽ خوش حال ڪن. مگر حالت هي اچي بڻي آهي جو گويا رڍن کي بگهڙن جي سنڀال هيٺ ڏنو ويو آهي. خود قرباني ۽ ديس شيوا ته پري رهي پر رڳو نمڪ حلالي به اسان ڪامورن ۾ ورلي آهي. اسان ديس جي ماڻهن جو نمڪ تا ڪائون مگر اُن جو عيوض ديس جي ماڻهن کي اهو تا ڏيون، جو


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

رڳو پنهنجي کيسي جي ڀِٽتي ۽ عيش عشرت جو شوق تا رکون. اگرچہ سڀ ڪامورا هڪ جهڙا نہ آهن گهڻا چڱا بہ آهن. مگر جا خود قرباني يا ڪم از ڪم نمڪ حلالي هئڻ گهرجي سا بلڪل ٿوري آهي.

هاڻي سچاڳيءَ جو وقت آيو آهي. سنڌ ديس جي هر هڪ شخص خصوصن سرڪاري ڪامورن کي پاڻ ۾ حب الوطني ۽ خود قرباني يا ڪم از ڪم نمڪ حلالي جو گڻ پيدا ڪرڻ گهرجي. هر هڪ شخص کي رات ڏينهن اهوئي خيال ۽ اها ئي نيت رکڻ گهرجي تہ جيتري قدر ٿي سگهي اوتري قدر پنهنجي ديس ۽ پنهنجي پائرن جي سڌاري ۽ ترقي لاءِ ڪجھ نہ ڪجھ ڪريان. حقيقت ۾ خود قرباني ڪرڻ ۾ پنهنجو ۽ پنهنجي اولاد جو ئي فائدو آهي. اسان سڀئي هڪ ئي ٻيڙيءَ ۾ سوار آهيون، جيڪڏهن ٻيڙي ترندي تہ سڀئي ترنداسين ۽ جيڪڏهن ٻيڙي ٻڏندي تہ سڀئي ٻڏنداسين. تنهنڪري خود قرباني ڪرڻ يا ٻين جو ڀلو ڪرڻ درحقيقت پنهنجو ۽ پنهنجي اولاد جو ڀلو ڪرڻ آهي ۽ ٻين جو نقصان ڪرڻ درحقيقت پنهنجو ۽ پنهنجي اولاد جو نقصان ڪرڻ آهي.

اسانجو پيارو هردلعزيز صاحب آنربل مسٽر پير الاهي بخش صاحب اسان ۾ اميد ٿو رکي تہ هر هڪ سنڌي پنهنجي پياري ديس جي سڌاري ۽ ترقي لاءِ فرض ادائي بلڪ خود قرباني ڪري ڏيکاريندو.

## هڪڙي عام غلطي

هندن خواه مسلمانن، يهودين خواه ڪرستانن ۾ عام طرح هڪڙو غلط خيال گهر ڪري ويو آهي تہ مذهب فقط مسجد يا مندر ۾ وڃڻ ۽ بنا سمجھ مذهبي يا ڌرمي ڪتاب پڙهڻ ۽ ظاهري نماز يا پوڄا پاٺ ڪرڻ وغيره تائين محدود آهي ۽ دنيائي ڪمن سان مذهب جو ڪم بہ واسطو ڪونهي. اهو خيال بلڪل غلط آهي. سڀ ڪو مذهب سيکاري ٿو تہ دنيا ۾ ڪهڙيءَ طرح هلجي جو اِنسان تهذيب ۽ ترقي ڪري خوشحال ۽ آسودو گذاري. سڀ ڪو مذهب صفائي ۽ پاڪائي، نيڪ اخلاقن ۽ ٻين سان عدل ۽ احسان ڪرڻ ۽ صلح ۾ رهڻ جي تعليم ٿو ڏئي. تنهن ڪانسواءِ هر ڪو مذهب شادي وغيره جا قانون، ورثي جا قانون ۽ ٻيا قانون سيکاري ٿو. مطلب تہ دنيا ۾ چوويهہ ئي ڪلاڪ جيڪي ڪم ڪيون تا تن بنسبت مذهب هدايتون ٿو ڏئي. جيڪڏهن اسان دنيا جا سڀ ڪم سچائي ۽ انصاف سان خدا جي حڪمن ۽ فطرت جي قانونن موافق تا ڪريون تہ اسان خدا جي عبادت يا بندگي تا ڪريون ۽ سندس فرمانبردار ٻانها ٿي تا گذاريون. پر جيڪڏهن اسان ائين نہ تا ڪريون تہ شيطان جي عبادت تا ڪريون ۽ پاڻ کي دنيا ۾ ئي ذليل ۽ تباه تا ڪريون. مذهب جي پابنديءَ ڪانسواءِ اِنسان ائين آهي جئن مهار ڪانسواءِ اُٺ يا سڪاڻ ڪانسواءِ ٻيڙي. مقرر قانونن


www.sindhsalamat.com
سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

کي ڦٽي ڪرڻ سان قومون ڪاڏي جو ڪاڏي ڏوڪينديون ٿيون وڃن، تانجو وڃي ٿيون ڪنڌ پرڪرن. مگر مذهب درميانو ۽ سنئون سڌو سلامتيءَ وارو رستو ٿو ڏيکاري، جنهن تي هلڻ سان دائمي ترقي حاصل ڪري ٿي سگهجي.

عام طرح هي خيال مسلمانن جي مغز ۾ ويهجي ويو آهي تہ دولت حرام آهي مگر حقيقت ائين آهي تہ دولت سان ئي دين ۽ دنيا جا ڪم سنوارجن ٿا. قرآن شريف ۾ جمع واري سورت جي آخري رڪوع مان ظاهر آهي تہ جيستائين جمع جي نماز جو آذان ٿئي تيستائين دنيا جا ڪم ڪاريون ڪري ٿا سگهجن ۽ نماز پوري ٿيڻ بعد وري زمين تي پکڙجي پوڻ ۽ خدا جي فضل يعني رزق يا دولت ڪمائڻ جو حڪم آهي. قرآن شريف ۾ هڪڙي دعا آهي جنهنجي معنيٰ آهي تہ اي رب سائين! اسانکي دنيا ۽ آخرت جي چڱائي ڏي. هڪڙي حديث آهي تہ سچائي ٻنهي جهانن ۾ منهن ڪارائي آهي. ٻي حديث آهي تہ جيڪو پنهنجي لاءِ ۽ ٻين جي لاءِ دولت ڪمائي ٿو سو قيامت جي ڏينهن اهڙي طرح اٿيندو جهڙو چوڏهينءَ جو چنڊ.

پائرو! مذهب ترقيءَ جي تعليم ٿو ڏئي. تنهنڪري علم پڙهو ۽ هنر سکو، نيڪ اخلاق رکو. سڀ ڪنهن سان عدل ۽ احسان ڪريو! اتفاق ۽ محبت سان گڏجي ڪم ڪريو. تندرستي جا قانون پڙهي اُنهن تي عمل ڪري تندرست ۽ طاقتور ٿيو ۽ جائز طرح دولت ڪمايو ۽ جائز طرح انکي خرچ ڪريو.

## قرآن شريف معنيٰ سان پڙهڻ

مون تي هي ڪم رکيو ويو آهي تہ شاندار اخبار (علم) لاءِ اخلاقي ۽ پنگتي (قومي) سڌارن بابت مضمون لکندو رهان. هي اخبار آنربيل پير الاهي بخش صاحب اهڙي نموني رٿي آهي، جو اميد ٿي ڪجي تہ ملڪ ۾ نئين روشني ۽ بيداري پيدا ڪندي. سيني قومن ۾ ميلاپ ۽ محبت پيدا ڪري هڪ قوم بنائيندي ۽ ترقي ۽ سڌاري جو باعث ٿيندي.

اخلاقي ۽ پنگتي (قومي) سوالن تي اچڻ کان اڳي مان ڪن ٻين مضمونن تي قلم ٿو کڻان، جن تي اخلاقي ۽ پنگتي سڌارن جو مدار آهي. ترقي، سڌاري، دولتمندي ۽ سچي خوشي جو مدار آهي علم ۽ هنر تي. اخلاقن ۽ عملن ۾محنت ۽ سادگي تي. مگر مسلمانن لاءِ سڀ نصيحتون قرآن پاڪ ۾ اچي وڃن ٿيون. قرآن شريف ئي ترقين جي ڪنجي آهي.

مسلمان پائرو! جيڪڏهن توهان دولتمند ۽ عزت وارا ٿيڻ چاهيون ٿا، جيڪڏهن دنيا ۽ شاندار بڻجڻ چاهيو ٿا ۽ دنيا ۽ آخرت جون سڀيون نعمتون ماڻڻ چاهيو ٿا تہ قرآن مجيد معنيٰ سان پڙهو. سڀ مرد ۽ عورتون، ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون قرآن مجيد جي معنيٰ پڙهو ۽ اڻ پڙهيلن کي پڙهي ٻڌايو. وڌيڪ نہ، تہ هر روز فقط


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ پاڳي پائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

هڪ آيت جي معنيٰ سکو. وڏي آيت هجي تہ چئن پنجن ڏينهن ۾ فقط هڪ آيت جي معنيٰ سکو.

الله تعاليٰ بار بار ٿو فرمائي تہ قرآن شريف کي سمجهو. ان تي غور ۽ فڪر ڪريو ۽ عقل هلايو ۽ ان تي عمل ڪيو. يعنيٰ الله تعاليٰ جي حڪمن جي پيروي ڪريو تہ توهان ايمان وارا ٿيو ۽ چڱا عمل ڪريو ترقي ڪريو ۽ الله تعاليٰ جا پيارا بنجي وڃو. جيڪي ماڻهو قرآن شريف جي حڪمن تي هلن ٿا ۽ الله تعاليٰ ۽ آخرت تي ايمان آڻين ٿا ۽ صالح عمل ڪن ٿا سي ئي اهل الله ۽ الله تعاليٰ جا اولياءِ (پيارا) آهن. مگر جيڪي الله تعاليٰ جي حڪمن جي خلاف ٿا وڃن، سي شيطان جا اولياءَ آهن.

مسلمان ڀائرو! اوهانکي ڪي ماڻهو چوندا تہ قرآن مجيد جي معنيٰ سمجهڻ ڏکي آهي. مگر الله تعاليٰ قرآن مجيد ۾ فرمائي ٿو تہ "تحقيق اسان قرآن مجيد کي نصيحت لاءِ بلڪل آسان ڪيو آهي، پوءِ آهي ڪو جو اُن مان نصيحت وٺي. قرآن مجيد جي معنيٰ سنئين سڌي ۽ ظاهر آهي ۽ عقل جي موافق آهي.

مسلمان ڀائرو! هي ڳالهہ ياد رکو تہ جيڪي بہ قرآن مجيد کي سچو سمجهن ٿا ۽ انکي سمجهي عمل ڪن ٿا سي سڀ پورا پورا مسلمان آهن. الله تعاليٰ قرآن مجيد ۾ اسانکي "مسلم" جو خطاب ڏنو آهي. تنهنڪري اوهان الله تعاليٰ جي خطاب جي عزت ڪيو ۽ پاڻ کي فقط مسلم سڏايو، ۽ ٻيا هٿرادو لقب ڦٽي ڪريو. تعصب ۽ مذهب جي فرقہ بنديءَ جا جهڳڙا ڇڏي ڏيو ۽ پاڻ ۾ گڏجي اتفاق ڪري قومي سڌارو ۽ ترقي ڪريو. الله تعاليٰ شال اسان سڀني هندن خواه مسلمانن کي ملائي ملڪ جي ترقي ڪرائيندو.

## سنڌ جا مسلمان پنهنجي اولاد جا سچا خير خواهہ نہ آهن

حضرت رسول الله ﷺ جن فرمايو آهي تہ جيڪڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي اولاد ۾ چڱيون عادتون ۽ چڱا لڇڻ نٿو ڇڏي اگرچہ ڪيتري بہ دولت هنن لاءِ ڇڏي مري وڃي. روزمره جو تجربو آهي تہ جن ۾ اخلاق ۽ عادتون خراب آهن سي لک روپيا پن سالن اندر ڪپائي مصيبتن ۾ گرفتار ٿي وڃن ٿا. وڏي ۾ وڏي دولت آهي چڱيون عادتون ۽ چڱا لڇڻ. دنيا ۾ اهو ئي آسودو ۽ باعزت گذاريندو جنهن جا اخلاق چڱا هوندا. مگر جنهن جا اخلاق خراب هوندا سو هن ئي دنيا ۾ سڄائي، بيمارين ۽ مصيبتن ۾ گرفتار ٿي ويندو. سنڌ جا مسلمان چڱين عادتن ۽ چڱن لڇڻن بدارن ٻارن کي بدعادتون سيکاريندا آهن. جيڪڏهن ڪو ٻار گار ڏيندو آهي يا ڪوڙ ڳالهائيندو آهي يا ٻئي کي ڌڪ هڻندو آهي تہ انهيءَ جا مائٽ ڪيس روڪڻ بدارن کلندا ۽ خوش ٿينيدا آهن، جنهنڪري اُهو ٻار وڌيڪ خراب ٿيندو ويندو آهي. جيڪي مسلمان شاهوڪار آهن سي وري نہ رڳو پاڻ هٿ ڦاڙ ۽ خرچائو آهن، نہ رڳو ٻار جا هر قسم جا



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

اَنگل پورا ڪندا آهن پر ازخود خوشيءَ سان هنن کي ريشمي ڪپڙا وغيره ڏيندا آهن. جيڪڏهن ٻار جا هر قسم جا اَنگل پورا ڪجن ٿا ته پوءِ هو پاڻ تي ضابطي رکڻ ۽ چڱي متي ڳالهه جي پروڙ ڪرڻ نٿو سگهي.

عجب ته هي آهي ته سنڌ جا مسلمان نه رڳو ٻارن کي چڱي تربيت نٿا ڏين پر دولت ڪمائڻ ۽ بچائڻ ۽ اولاد لاءِ ڇڏڻ جو خيال به بلڪل ڪو نه ٿا رکن. هو پنهنجي عيشن ۽ شوقن ۾ ايترو غلطان آهن جو انهيءَ مستيءَ ۽ مدهوشيءَ ۾ اولاد به هنن کي وسري ٿو وڃي ۽ هنن جي آئينده جو خيال ڪو نه ٿا ڪن. جيڪڏهن ڪنهن ڏاڙهي ماٺهوءَ کان نڳي ڪري ڪي ٿورا پئسا ڦٻائجن ٿا يا روزي ڦرجن ٿا ته ڪيترائي سال جيل اچي ٿو وڃي. پر پنهنجي اولاد جا سوَ هزار بلڪ لک رپيا اجايا لٽي ناس ڪري ٿا ڇڏجن ته اُن لاءِ قاعدو ئي ڪونهي. شڪار ڪرڻ، ڪڪڙ ڪتا ۽ رڇ ويڙهائڻ، نشا پتا ڪرڻ، خالي ناموس لاءِ ملڪيت ناس ڪرڻ ۽ بداخلاقن پنيان دولت لٽائڻ وغيره وغيره پنهنجي اولاد سان سخت دشمني ڪرڻ ناهي ته ٻيو ڇا آهي. ظاهري ٻارن کي پيار ڏيڻ مگر سندن حياتي ۽ آخرت خراب ڪرڻ سچو پيار ناهي پر وڏي دشمني آهي.

**(1) عقل ۽ اختيار**

حضرت رسول ﷺ فرمايو آهي ته مان انهي لاءِ نبي ڪري موڪليو ويو آهيان ته سهڻ اخلاقن کي ڪماليت وٺايان. ائين به فرمايو اٿن ته بهشت ۾ اهو ئي ويندو جنهن جا اخلاق چڱا هوندا. درحقيقت سڀني پيغمبرن، رشين اهائي تعليم ڏني ۽ اخلاقن سڌارڻ تي ئي وڏو زور ڏنائون.

انسان ۽ ٻين حيوانن ۾ فقط اهو ئي تفاوت آهي ته انسان کي عقل آهي مگر ٻين حيوانن کي عقل ڪونهي. ڏسو ته انسان پنهنجو عقل هلائي ڇا ڇا ڪري سگهيو آهي. ريل گاڏيون، تار، برقي، وڄ کان ڪم وٺڻ، هوائي جهاز وغيره وغيره سڀ انسان جي عقل جي ثابتي ٿا ڏين. مگر ٻيا حيوان ڪو به نئون سڌارو يا ترقي ڪا نه ٿا ڪري سگهن. عقل انسان لاءِ وڏي ۾ وڏي ذات ۽ نعمت آهي. حضرت جن فرمايو آهي ته پهرين پهرين شيءَ جا خلقي ويئي سا آهي عقل. قرآن شريف ۾ جا بجا فرمايل آهي ته جهل يعني اڻڄاڻائي کي ڪڍو، علم حاصل ڪيو، عقل هلايو، غور فڪر ۽ تدبير کان ڪم وٺو ۽ دنيا جي هر ڪنهن شيءِ هر ڪنهن حيوان کي پنهنجي تابع ڪري انکان مناسب فائدو وٺو. عقل جو وري لازمي نتيجو آهي اختيار، تميز ۽ ارادي ۽ عمل جي قوت، يعني انسان کي اهو اختيار مليل آهي ته هو نا مناسب ۽ نقصان ڪار ڪمن ۽ شين کان پاڻ کي روڪي ۽ مناسب ۽ فائدي وارا ڪم ڪري. جيڪڏهن انسان کي اهو اختيار نه هجي ها ته پوءِ عقل ڪهڙي ڪم جو ٿئي ها.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

جيڪڏهن پاڻ کي گناهن کان روڪڻ ۽ چڱن ڪمن ڪرڻ جي طاقت اسان کي ڏنل نه هجي ها ته پوءِ وعظ ۽ نصيحت ڪرڻ ۽ قرآن شريف ۽ ٻين ڌرمي ڪتابن جو ضرور ڪهڙو هو. تنهن ڪانسواءِ جيڪڏهن انسان کي ڪو به اختيار ڪونهي ته پوءِ ان کي گناهن لاءِ دنيا ۾ سزا ڏيڻ ۽ آخرت ۾ عذاب ڪرڻ سراسر ظلم چئبو، مگر حقيقت ۾ ظلم نه آهي. انسان کي جنهن صورت ۾ عقل جي عاليشان نعمت عطا ٿيل آهي جنهن جي وسيلي هو پنهنجي لاءِ بي بها نعمتون حاصل ڪري سگهي ٿو تنهن صورت ۾ مٿس بوجھ ۽ جوابداريون به وڏيون رکيل آهن. عقل سان گڏ انسان ۾ حرص ۽ جذبا رکيل آهن جن کي حدن اندر رکڻ هڪ وڏو مشڪل ڪم آهي. جيڪڏهن ڪنهن شخص کي علم ۽ عقل گهٽ آهي، پاڻ تي ضابطو پورو ڪونهيس ۽ ارادي ۽ عقل جي قوت گهٽ اٿس ته پوءِ حرص جي تابع ٿي نقصان ڪار ڪم ڪري پاڻ کي (اسفل السافلين) وحشي ۽ خوار خراب ۽ تباه ڪري ٿو ڇڏي. پر جيڪڏهن علم، عقل ۽ ديناري جي ماتحت پاڻ تي ضابطو رکي نقصان ڪار ڪمن کان پاڻ روڪي ٿو ۽ فائدي وارا ڪم ڪري ٿو ته پوءِ هو سڌارو ۽ ترقي، دنيا ۽ آخرت جون نعمتون ماڻي ٿو.

## (2) ارادي جي قوت ۽ پاڻ تي ضابطو

پهرين مضمون ۾ ڏيکاريل آهي ته نيڪ اخلاقن ۽ نيڪ عملن لاءِ پهريائين ضرورت آهي علم ۽ عقل جي. جو ته جيڪڏهن علم ۽ عقل نه هوندو ته اِها به خبر ڪا نه رهندي ته ڪهڙا ڪم نه ڪرڻ گهرجن. انهي مضمون ۾ ائين به چيو ويو آهي ته جو ماڻهو علم، عقل ۽ ديناريءَ جي ماتحت پاڻ ضابطو (Self Control) رکي ۽ ارادي جي قوت (Will Power) عمل ۾ آڻي بدڪمن کان پاڻ کي بچائيندو ۽ چڱا ڪم ڪندو سو اعليٰ درجي جي ترقي ڪندو ۽ هجو شخص جاهل رهي نفساني خواهش يا شيطان جي تابع رهي خراب ڪم ڪندو سو ڊورن ۽ مرن کان بدتر ٿي خوار خراب ۽ تباه ٿي ويندو. مٿي علم ۽ عقل سان ديناري جو لفظ به ڳنڍيل آهي. هاڻي ديناريءَ بنسبت ڪجھ بحث ڪجي ٿو. اهاڳالھ ته بلڪل ظاهر آهي ته انسان ۾ روحانيت يا ڌرم جو مادو قدرتي طرح رکيل آهي. جيڪو به مادو يا جذبو اسان ۾ قدرتي طور رکيل آهي سو ضرور اسانجي فائدي لاءِ هوندو. مگر جيڪڏهن اسان جذبن کي جهل ۽ بيوقوفيءَ سان ڪم ٿا آڻيون ته نقصانڪار ڪم ڪري ٿا وجهون ۽ جيڪڏهن علم ۽ عقل کي انهن سان شامل ٿا ڪيون ته پوءِ اعليٰ سڌارو ڪري ٿا سگهون. مان قبول ٿو ڪريان ته ڌرم جي آڙ ۾ اڪثر ماڻهن کي پرمن، سنسن، بدسمن، تعصب ۽ فسادن وڪوڙي ڇڏيو آهي. پر اهو سڀ انهي ڪري آهي جو يا ته قومون دنيوي علم يا عقل کان پري رهيون آهن يا ته ڪن خود غرض پادرين، پنڊتن، ملن وغيره هن کي سچي ڌرم کان برغلائي ڇڏيو آهي.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

تاريخ مان ڏسي سگهبو تہ قومن گهڻو ڪري تڏهن ترقي ڪئي آهي جڏهن منجهن ڪو پيغمبر يا رشي پيدا ٿيو آهي.

اِنسان جا حرص ۽ شيطاني جذبا قوي ۽ تڪڙا آهن اگرچہ ڪي شخص ڪٽي عاقل ۽ عالمِ بہ هجن تہ بہ عقل ۽ علم جي ٿڏا ۽ ڍرا آهن، هن ڪي شيطاني عملن کان وقت سر روڪي نٿا سگهن. ڌرمي جذبو ئي قوي ۽ تڪڙو آهي جو نفساني خواهشن تي غالب پئجي سگهي ٿو. مثلاً

ڪيترائي ماڻهو ڄاڻن بہ ٿا تہ نشو، زنا وغيره خراب آهن تہ بہ هو پاڻ ڪي انهن ڪمن کان روڪي نٿا سگهن. مگر مديني منوره ۾ جڏهن اها آيت نازل ٿي تہ نشو حرام آهي، تڏهن سيني مسلمانن جن ۾ شراب پيڻ جي سخت عادت پيل هئي هڪدم ۽ هميشہ لاءِ شراب پيڻ بند ڪري ڇڏيو. ڇو تہ هن ڪي پڪو ڌرمي ويساهہ هو تہ اهو حڪم الله تعاليٰ جو آهي ۽ اسان ڪي ضرور مٺو آهي. ديني علم جي ضرورت هن ڪري بہ آهي جو انسان جو علم ۽ عقل ناقص آهي ۽ فقط الله تعاليٰ جو علم ۽ عقل ئي ڪامل آهي. ڏسو تہ ڪيترائي ماڻهو اهڙا آهن جي دينوي علم جا وڏا عالم آهن، وڏا داناءَ، عاقل ۽ فيلسوف آهن تہ بہ سچي دين جي رهبري نہ هئڻ ڪري سمجهن ٿا تہ نشي، زنا، جوا وغيره ۾ خرابي آهي ئي ڪا نہ. گهٽائي اهڙا آهن جي شاديءَ جي ضرورت ڪا نہ ٿا سمجهن ۽ گهٽائي اهڙا آهن جو اُگهاڙن رهڻ ۾ ڪو نقصان ڪو نہ ٿا ڏسن. دين يا ڌرم جي پابندي ڪانسواءِ انسان اهڙي طرح آهي جيئن سڪاڻ ڪانسواءِ ٻيڙي يا ناڪيليءَ ڪانسواءِ اُٺ يا بي مهار شتر. ڪاڏي جو ڪاڏي هليا ٿا وڃن تيئن ويچارو انسان بہ ڌرم جي ناڪيلي ڪانسواءِ حرصن ۽ رسمن جي وس ٿي ڪاڏي جو ڪاڏي دربدر ٿي پاڻ ڪي تباه ڪري ٿو ڇڏي. ڏسو تہ ماڻهو ڪڏهن تہ زالن ڪي اهڙو سخت پڙود ٿا ڪرائين جو خدائي هوا ۽ خدائي روشنائي کان ۽ قدرتي نظارن جهڙوڪ جبل، نديون، ڍنڊون وغيره ۽ مصنوعي ڪاريگرن جهڙوڪ تاج محل ۽ باغات وغيره ڏسڻ کان بلڪ علم ۽ عقل پرائڻ کان محروم ٿا رکن ۽ بعضي تہ وري زالن ڪي اهڙي ڇوٽ ڇڏي ٿا ڏين جو جيڏانهن وٽين تيڏانهن ڪنهن بہ مرد سان هليون وڃن ۽ جيڪي بيحيائيءَ جا ڪم ڪين وٽن سي ڪن.

مطلب تہ دين يا ڌرم جي پابندي ڪانسواءِ ماڻهو وقتي خيالن، وقتي رسمن ۽ وقتي فئشنن جي اثر هيٺ ڦيريون ڪائي ڪنڌ پر ٿا ڪرن. اسان انسان نہ آهيون پر ڪکن پنن وانگر اهڙا ڪمزور آهيون جو فئشن جو درياءُ اسانکي لوڙهي وڃي ٿو سمنڊ ۾ غرق ڪري.

ستين ڪتاب ۾ ڏهون سبق جو مذهب يا ڌرم جي ضرورت بابت آهي سو ماستر صاحبن ڪي چڱي طرح سمجهڻ گهرجي ۽ شاگردن ڪي بہ چڱي طرح سمجهائڻ گهرجي.

هيءَ ڳالهہ ضروري آهي تہ ديني علم سان گڏ دينوي علم ۽ عقل جي بہ


www.sindhsalamat.com



Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ضرورت آهي، هي بہ ضرورت آهي تہ پادري، پنڊت، ملان، مولوي وغيره خود غرض ۽ فريبي هجن تن جي ڪوڙين ڳالهين کان پاڻ بچائڻ گهرجي ۽ سڌيءَ طرح مذهبي ڪتاب پاڻ پڙهڻ گهرجن.

## (3) دينداري ۽ روحانيت

گذريل مضمون ۾ ڏيکاريل آهي تہ دنيوي علم ۽ عقل سان گڏ ديني يا ڌرمي علم جي بہ ضرورت آهي. تاريخ مان ڏسجي ٿو تہ سيني ملڪن ۽ قومن ۾ اسڪول پهريائين فقط ڌرمي علم ۽ ادب ۽ فضيلت سيکارڻ لاءِ جاري ٿيا ۽ انهن اسڪولن جا معلم نهايت ديندار، بي غرض، شريف ۽ اعليٰ رتبي جا ماڻهو هوندا هئا. سڀ ماڻهو هنکي گرو ۽ رهبر ڪري سمجهندا هئا.

يورپ ۾ هن وقت اگرچ بيديني جي لهر زور شور سان چالو آهي تہ بہ دنيوي تعليم سان گڏ بائبل سيکاري وڃي ٿي. مگر هندستان ۾ جنهن صورت ۾ حڪومت انگريزن جي ٿي ويئي ۽ ان ڪري هندستانين جي مذهبن ۾ دست اندازي ڪرڻ نامناسب سمجهي ويئي تنهن صورت ۾ اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ مذهبي تعليم ڪي جاءِ ڪانہ ڏني ويئي، فقط دنيوي تعليم هئڻ ڪري ڌرمي جذبو ڪمزور ٿي ويو آهي، اخلاق خراب ٿي ويا آهن ۽ خود غرضي، عيش عشرت ۽ گنهگاري زور وٺي ويا آهن.

مگر هاڻي خود سرڪار نامدار پرائمري ايديوڪيشن ائڪٽ ۾ اسڪول بورڊن کي پرائمري اسڪول ۾ ڌرمي تعليم جاري ڪرڻ جي اجازت ڏني آهي. منهنجي رٿ آهي تہ پرائمري اسڪولن لاءِ نهايت سليس ننڍڙا ڌرمي ڪتاب مزيدار آکاڻين ۾ تيار ڪرڻ گهرجن. هر ڪنهن مذهب وارا پنهنجي مناسب، ڪتاب تيار ڪن ۽ تعليم کاتي کان منظور ڪرائي اسڪولن ۾ هفتي ۾ ٻہ يا ٽي ڪلاڪ خاص ڌرمي تعليم لاءِ رکجن. پوءِ انهن ڪلاڪن ۾ مسلمان شاگرد جدا ڪمرن ۾ وڃن ۽ هندو شاگرد جدا ڪمرن ۾ وغيره ۽ اتي استادن جي زير نظر فقط منظور ٿيل ڪتاب پڙهن ۽ سمجهن.

انهي ڪتابن جي لکندڙن کي گهرجي تہ همدردي، خيرخواهي، اتفاق ۽ محبت تي خاص زور ڏين ۽ زوردار نموني ۾ ڏيکارين تہ ڌرم يا مذهب جي مکيہ تعليم آهي ئي اها تہ مذهبي تعصب ڪڏي ڇڏجي، سيني مذهب وارن سان اتفاق ۽ محبت سان پيش اچجي، درحقيقت سيني انسان جي شيوا خدمت ڪرڻ. حضرت رسول ﷺ فرمايو آهي تہ سيني کان چڱو انسان اِهو آهي جو ٻين انسانن کي فائدو پهچائي.

نہ رڳو پرائمري اسڪول پر سيڪنڊري اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ (هنري هجن توڙي ٻيا) مطلب تہ هر قسم جي درسگاهن ۾ ڌرمي تعليم ضرور هئڻ گهرجي.

## (4) تعليم ۽ تربيت


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

اڳين ٽن مضمونن ۾ علم ۽ عقل تي زور ڏنو ويو آهي ۽ چيو ويو آهي ته نيڪ اخلاقن ۽ نيڪ عملن جو مدار علم ۽ عقل تي آهي. علم ۾ ديني ۽ دنيوي ٻئي علم اچي ٿا وڃن. ائين بيشڪ آهي ته پهريائين آهي علم پوءِ عقل ۽ آخر ۾ آهي عمل. پر ايئن به چيو ويو آهي ته عقل سان گڏ پاڻتي ضابطو رکڻ ( Self - control and discipline) ۽ ارادي جي قوت (Will power) ۽ روحانيت (Spirituality) به بلڪل ضروري آهي. ٿورن لفظن ۾ چئجي ته تعليم سان گڏ تربيت جي سخت ضرورت آهي. تعليم ۽ تربيت ٻار جي جمڻ کان وٺي ٿئي ٿي. تعليم ڇا آهي ۽ تربيت ڇا آهي تنهن جي سمجهائڻ لاءِ هڪڙو سولو مثال ٿو ڏيان. جيڪڏهن ٻار کي سيکارجي ته هرروز ڏندڻ هڻڻ چڱو آهي ته ان کي چئبو تعليم. جيڪڏهن ٻار کي هرروز ڏندڻ هڻڻ تي مجبور به ڪجي تانجو هن کي ڏندڻ هڻڻ جي عادت پئجي وڃي ۽ بنا چوڻ جي به هرروز پنهنجي خوشيءَ سان ڏندڻ هڻندو رهي ته اها آهي تربيت. هن مان سمجهي سگهبو ته تربيت کان سواءِ خالي تعليم ياعمل کان سواءِ علم بلڪل يا گهٽي قدر بيڪار آهي. انهيءَ ڪري مائٽن ۽ استادن تي وڏي ۾ وڏو فرض اهو آهي ته هو نه رڳو ٻارن کي چڱي تعليم ڏين پر هنن ۾ چڱيون عادتون ۽ چڱا لڇڻ پيدا ڪن، خراب ڪمن کان سختيءَ سان روڪين ۽ چڱن ڪمن ڪرڻ جو مادو پيدا ڪن.

وڏو فرض ۽ وڏي جوابداري ماءُ پيءُ تي آهي. اسان جي ملڪ ۾ ماءُ پيءُ (خصوصا مسلمان) پنهنجي اولاد کي سڌارڻ بدارن بگاڙيندا آهن. ماءُ پيءُ ۽ وڏن جو پهريون فرض هي آهي ته اول پاڻ کي سڌارين ۽ ڪوڙ ڳالهائڻ ۽ گارين ڏيڻ ۽ بدالفاظن ڪڍڻ کان پاڻ کي بچائين، نه ته سندن ٻار به ضرور اهي ئي بد لڇڻ سکي پوندا ۽ سڌاري ڪرڻ جي بدارن پاڻ کي بگاڙي تباه ڪندا. ٻي ضروري ڳالهه هي آهي ته اولاد جي هر ڪا خواهش چڱي يا بري پوري ڪرڻ نه گهرجي. جيڪڏهن هنن جي هر ڪا خواهش پوري ڪبي ته پنهنجي خواهشن کي ضابطي هيٺ رکڻ ڪو نه سکندا. مثلا جيڪڏهن ٻار جي چوڻ موجب هر ڪا کائڻ جي شيءَ يا هر ڪو رانديڪو يا هر ڪنهن قسم جي قيمتي پوشاڪ، واچون وغيره وٺي ڏبيون ته چٽي جي عادت پرائيندو، تندرستي خراب ڪندو، اسراف يعني گهٽو ۽ اجايو خرچ ڪرڻ سکندو ۽ وڏي ڳالهه ته پاڻ تي ضابطي رکڻ بدارن بي لغام حيوان بڻجي پوندو. جيڪڏهن ماءُ پيءُ پاڻ ئي جهنگلي ۽ بداخلاق هوندا ته پوءِ جهڙا ڪانگ تهڙا ٻچا، جهڙي صحبت تهڙو اثر!

ماءُ پيءُ کانپوءِ وڏي جوابداري ۽ فرض آهي ماسترن ۽ معلمن تي. ماستر ۽ معلم فقط اهي هئڻ گهرجن جي نيڪ اخلاق هجن، جن کي وطن ۽ قوم لاءِ حب هجي، جن کي ٻارن لاءِ پيار هجي ۽ جن کي ٻارن جي عادتن ۽ اخلاقن سڌارڻ جي شوق هجي. بدقسمتي سان ڪيترائي ماستر ۽ معلم اهڙا نيڪ اخلاق نه آهن جهڙا هو هئڻ گهرجن. مان ماستر صاحبن ۽ معلمن کي ڏوهه ڪو نه ٿو ڏيان، مان فقط سڌاري جي نيت سان


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

مٿيان الفاظ مجبورا ڪم ٿو آڻيان، ورنہ مونکي ماسترن ۽ معلم صاحبن جي فرقي لاءِ عزت آهي، مان ڪين ٻين ڪاٽن جي ڪامورن ڪان بهتر ٿو سمجهان. مان چاهيان ٿو تہ سڀ ماڻهو ڪين عزت ڏين ۽ ڪين هر طرح سڪيو رکن تہ هو دل و جان سان پنهنجو شريف ڏنڌو شريفانہ نموني سان ادا ڪري سگهن ۽ اسانجي ٻچن ڪي سڌاري قوم ۽ ملڪ جي ترقي ڪن.

مڪتب ۽ اسڪول ۾ رڳو وهڻ ئي ٻار جي لاءِ تربيت آهي. جيڪڏهن ضابطو ۽ انتظام چڱو آهي تہ ٻار هڪدم پاڻ تي ضابطو رکڻ ٿو سکي. جيڪڏهن هو استاد ۽ ڪتابن جو ادب ۽ تعظيم ڪرڻ ۽ استادن جي فرمانبرداري ڪرڻ ٿو سکي تہ هو هڪدم جهنگلي ۽ وحشي حالت مان نڪري سڌاري ۽ تهذيب جي حالت ۾ اچڻ شروع ٿو ڪري. دنيا جا سڀ وهنوار ادب، تعظيم ۽ فرمانبرداري سان ٿا هلن. تنهڪري تمام ضروري آهي تہ سڀ شاگردن اگرچہ ڪاليجي شاگرد هجن، پنهنجي اُستادن ۽ ٻين پاڻ ڪان وڏن جو ادب رکن، ڪين تعظيم ڏين، جتي ڪين ڏسن اُتي ادب سان سلام ڪن ۽ اسڪول يا ڪاليج جي قانونن جي پوري پوري تعميل ڪن. ماءُ پيءُ ۽ استادن جي فرمانبرداري ڪن. اها آهي(Self - control and discipline) جنهن ڪانسواءِ دنيا ۾ ڪو بہ سڌارو، ڪا بہ ترقي ۽ ڪو بہ وڏو ڪم ڪري نٿو سگهجي.

روحانيت بہ پاڻ تي ضابطو رکڻ سيکاري ٿي. صبح شام عبادت ڪرڻ ۽ هر وقت ڌڻي ڪي ياد ڪرڻ ۽ ورت يا روزا رکڻ (Self - control and discipline) سيکارين ٿا، بشرطيڪ انهيءَ ئي نيت سان ادا ڪجن تہ اسان پاڻ ڪي گناهن ڪان روڪيون ۽ چڱا ڪم ڪريون. ڌڻيءَ ڪي ياد رکڻ جي معنيٰ هروڀرو اها ناهي تہ رڳو زبان سان الله يا رام سيتا، رام سيتا چئجي پر معنيٰ اها آهي تہ ڌڻيءَ جي حڪمن ۽ قدرت جي قانونن تي عمل ڪجي، گناهن ڪان پاڻ ڪي روڪجي ۽ چڱا ڪم ڪجن.

## (5) ڊسپلين نظام ۽ آزادي

اڳئين مضمون ۾ چيل آهي تہ دنيا جو سڀ ڪاروبار فرمانبرداريءَ سان ٿو هلي. سچ آهي تہ گهر چڱيءَ طرح تڏهن ٿو هلي جڏهن گهر جا ڀاتي، گهر جي وڏي جي پوري پوري فرمانبرداري ٿا ڪن. ڪنهن بہ ڳوٺ يا محلہ جا ماڻهو تڏهن خوش گذاري سگهن ٿا جڏهن پنهنجي نيڪ مرد جي ماتحت اتفاق سان رهن ٿا يا مکيءَ ۽ پنچات جي فيصلن موجب عمل ڪن ٿا. ڪنهن بہ ڪارخاني جو ڪم تڏهن سٺو هلي ٿو جڏهن سڀ مزور، منشي وغيره ڪارخاني جي سنياليندڙ جي اشاري تي هلن ٿا. فوج اهائي سوڀاري ٿئي ٿي جا ڪمانڊر جا حڪم هڪدم بجا آڻي ٿي ۽ رعيت اهائي ترقي ڪري ٿي جا حڪومت جي قانونن جي پيروي ڪري ٿي. مگر ان فرمانبرداريءَ سان ڪيترائي شرط ۽ فرض لاڳو آهن جي والدين ۽ استادن تي ٻارن بابت، نيڪ مرد


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

يا مکيءَ تي ڳوٺ جي ماڻهن بابت، ڪارخاني جي ڪم هلائيندڙ تي مزورن ۽ منشين بہ نسبت، ڪماندر تي فوج بابت، ۽ حاڪمن تي رعيت بابت لازم ٿين ٿا. هڪڙو مکيہ شرط هي آهي تہ استاد، نيڪ مرد، ڪماندر ۽ حاڪم وغيره پنهنجي زيردستن سان اهڙو ئي پيار، محبت ۽ خير خواهي رکن جهڙي چڱا ماءُ پيءُ پنهنجي اولاد سان رکندا آهن. سندن هدايتون ۽ قانون سندن زيردستن جي سڌاري، فائدي ۽ سک سهنج لاءِ هجن نہ پنهنجي سهوليت ۽ فائدي لاءِ.“

هيءَ وڏي غلطي جا ڪي ماءُ پيءُ يا گهر جا مالڪ گهر جي ڀاتين بابت يا استاد ۽ ماستر پنهنجي شاگردن بابت ڪندا آهن سا هيءَ آهي جو هو پنهنجي ڀاتين يا شاگردن تي حد کان ٻاهر رعب تاب رکي سڀ ڪم پنهنجي مرضيءَ موجب ڪرائيندا آهن. ورنہ هي ضروري ڳالھ آهي تہ جيئن جيئن ٻار وڏو ٿيندو وڃي، علم ۽ عقل حاصل ڪندو وڃي، تيئن تيئن هن کي اختياري ڏجي تہ هو پنهنجو دماغ هلائي، پنهنجي رٿ ٺاهي، پنهنجي مرضيءَ موجب عمل ڪري تہ هن ۾ ارادي جي قوت Will (power) ۽ دماغ ڪم ڪرڻ جو مادو (initiative) پيدا ٿئي. فقط هنجي عملن تي ايتري نظرداري رکجي جو جيڪڏهن هو غلط طريقو اختيار ڪري تہ هن جي رهنمائي ڪجي يا گناه جي ڪم ڏي وڃي تہ هن کي روڪجي. جيڪڏهن انسان کي پنهنجي مرضيءَ موجب ڪم ڪرڻ نہ ڏبو تہ هو عقل کو نہ سکندو، هنجي دل ۽ دماغ مرده ٿي ويندو، هو حيوان بنجي ويندو، نہ تہ هن جي ڪا عزت ٿيندي ۽ نہ هن کي دنيا ۾ ڪا خوشي حاصل ٿيندي. جيڪڏهن ڪنهن چوکر يا چوکريءَ يا گهر جي ڀاتيءَ تي ايتري سختي ڪجي جو زور رکجيس تہ ماني نہ کاءُ پيٽ کاءُ، جوئر نہ کاءُ ٻاجهري کاءُ، مکڻ نہ کاءُ تريل پتاتا کاءُ (تريل شين کان توبہ توبہ) کنڊ نہ کاءُ مناٺي کاءُ، اڄ نہ ڪپڙا بدلاءِ سياٹي بدلاءِ، هي ڪپڙا نہ پاءِ هو ڪپڙا پاءِ، هت نہ ويھ هتي ويھ، سمھ نہ ويهي رھ وغيره وغيره. پوءِ اهڙو چوکر يا چوکري يا گهر جو ڀاتي نہ رڳو قيدين کان بہ خراب حالت ۾ آهي پر وڏي ڳالھ هي آهي تہ الله تعاليٰ جون ڏنل نعمتون علم ۽ عقل بيڪار بنايا وڃن ٿا. انسانن کي حيوان ۽ غلام بنايو وڃي ٿو ۽ هنجي سڄي حياتي ۽ خوشي برباد ڪئي وڃي ٿي.

هڪ حديث شريف آهي تہ اوهان مان هر هڪ حاڪم آهي. اوهان کان اوهان جي زيردستن بابت پڇاڻو ٿيندو يعني جي منهنجا ٻانها اوهان جي زيردستيءَ ۾ مون ڏنا هئا تن سان اوهان ڪهڙي هلت ڪئي ۽ انهن جي فائدي لاءِ اوهان ڇا ڪيو. پوءِ جن پنهنجي زيردستن سان ظلم ڪيو هوندو تن کي دوزخ ۾ موڪليو ويندو. سچ آهي تہ ظالم بهشت جي بوءِ بہ ڪين سگهندا. اسلام ۽ ٻيا مذهب اهائي تعليم ٿا ڏين تہ سڀ انسان هڪ جهڙا آهن ۽ سيني کي هڪ ٻئي سان پيار ۽ محبت سان هلڻ گهرجي. پوءِ جيڪي ظالم رعب تاب رکي ظلم ڪري يا فريب ۽ ٺڳيءَ سان يا حال ۽ توجھ وجهڻ


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

سان ٻين کي پنهنجو مطيع ۽ غلام بنائي انهن کي پنهنجي غرضن لاءِ پنهنجي مرضيءَ موجب هلائين ٿا ۽ انهن مان پنهنجا فائدا ڪڍن ٿا سي اسلام ۽ ڌرم جا دشمن آهن. جيڪو الله کي ڇڏي ٻئي ڪنهن کان ڊڄي ٿو سو سمجهبو ته پنهنجي پالڻهار جهانن جي مالڪ کان نٿو ڊڄي. مطلب هي آهي ته جيڪو ٻين کي غلام ٿو بنائي سو ظالم بلڪ ڪفر کي ويجهو آهي ۽ جيڪو جاهل پاڻ کي ٻئي جو غلام ٿو ڪري سو به ڪفر کي ويجهو آهي.

## (6) مساوات يعني هڪجهڙائي

اڳئين مضمون ۾ چٽيءَ طرح سمجهايل آهي ته جيئن جيئن ٻار يا شاگرد وڏا ٿيندا وڃن ۽ علم ۽ عقل پرائيندا وڃن تيئن تيئن کين پنهنجي عقل ۽ مرضيءَ موجب عمل ڪرڻ جي آزادي ۽ اختياري ڏيندو وڃجي. انهيءَ لاءِ ته هنن ۾ دماغ هلائڻ ۽ عمل ڪرڻ جو مادو (initiative) پيدا ٿئي. هو حيوان نه ٿين پر اِنسان ٿين ۽ الله تعاليٰ جون ڏنل نعمتون ڪم آڻي دنيا ۾ ڪجهه ڪري ڏيکارين. پنهنجي لاءِ عزت ۽ خوشي حاصل ڪن ۽ ٻين کي به فيض ۽ فائدو پهچائي سگهن. جيڪي ظالم اِنسانن تي رعب تاب رکي کين غلام ٿا بنائين ۽ الله تعاليٰ جون ڏنل لياقتون ضايع ٿا ڪرائين سي الله تعاليٰ جا دشمن آهن ۽ الله تعاليٰ سندن دشمن آهي ۽ هو ڪڏهن به بهشت ۾ ڪو نه ويندا.

حديث شريف آهي ته جنهن اِنسان ۾ هڪڙو داڻو به هٺ جو آهي سو بهشت ۾ ڪو نه ويندو. هَٺُ ڇا آهي؟ پاڻ فرمايائون ته هٺ آهي پاڻ کي ٻين کان مٿي سمجهڻ ۽ ٻين کي پاڻ کان گهٽ سمجهڻ. الله تعاليٰ قرآن شريف ۾ فرمايو آهي ته اي اِنسانو! مون اوهان کي هڪ مرد ۽ هڪ عورت مان خلقيو آهي. اوهان ۾ ذاتيون ۽ قبيلا رڳو سڃاڻپ لاءِ ناهيا اٿم نه ته الله تعاليٰ وٽ عزت ته فقط اُنهي جي آهي جنهن جا لڇڻ سٺا آهن ۽ چڱن ڪمن ڪرڻ جي ڪوشش ڪندڙ آهي. جيڪڏهن ڪو وڏو پير، زميندار، نواب يا بادشاهه بداخلاق آهي ته هو نيڪ اخلاق هاري يا مزور پيرن جي خاڪ جي برابر به نه آهي. هڪ حديث سڳوري آهي ته عزت علم ۽ چڱائي سان آهي نه دولت ۽ خاندانائيءَ سان.

حضرت رسول الله ﷺ جن نهايت ئي نماڻا هوندا هئا. پاڻ سڳورا پٽ وهندا هئا. ڪپڙا تمام سادا پائيندا هئا. ڪپڙو ڦاٽندو هون ته پاڻ ئي ٽوپو ڏئي اڳڙي وجهي وري پائيندا هئا. جُتي ڇڄندي هين ته پاڻ ئي ڇتي هٿي وري پائيندا هئا. بعضي ته اُگهاڙي پني سان تڏي تي ليٽي پوندا هئا ۽ تڏي جا نشان پني تي ٺهي بيهندا هئا. مسڪين ماڻهن بلڪ جهنگلي بدوين سان به گڏجي ماني کائيندا هئا. ٻين ماڻهن سان اهڙو رلي ملي وهندا هئا جو جڏهن ڪو اَڻ واقف ماڻهو ايندو هو ته حاضرماڻهن کان


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

پيڇٽو پوندو هوس تہ اوهان ۾ حضرت محمد (ﷺ) کھڙو آهي. پوءِ حاضر ماڻهو کيس ڏيکاريندا هئا تہ هي وينو آهي. پاڻ سڳورا ڪچهريءَ مان اٿندا هئا يا ٻاهران ڪچهريءَ ۾ ايندا هئا تہ ٻين کي اُٿي بيهڻ کان منع ڪندا هئا ۽ اُٿي بيهڻ نہ ڏيندا هئا. ڪنهن ماڻهوءَ ساڻن جيڪڏهن ڪنهن وقت ڪو ظالم ڪيو هو ۽ پوءِ اچي معافي وٺندو هو تہ پاڻ سڳورا نہ رڳو معافي هڪدم ڏيندا هئا پر حياءَ کان اکيون ڪٽي هيٺ ڪندا هئا. ماڻهن تي رعب رکڻ بدارن سندن دلجو ئي ڪندا هئا. هڪڙي ڀيري ڪو اَڻ واقف شخص آيو ۽ هيبت کان ڏڪڻ لڳو. حضرت جن کيس فرمايو تہ ڊڄين ڇو ٿو، مان اهو آهيان جنهن جي والده سڪو گوشت ڪائيندي هئي. اڄوڪا ماڻهو سمجهڻ ٿا رعب رکڻ ڪانسواءِ ضابطو ۽ انتظام رکي نہ سگهبو. ائين هرگز نہ آهي. حضرت جن توڙي سندن خليفا سادگيءَ ۽ نماڻائيءَ هوندي بہ پورو پورو انتظام رکي سگهندا هئا ۽ پورو پورو انصاف ڪندا هئا. هڪڙي ڀيري ڪنهن شريف خاندان جي عورت فاطمہ نالي جي چوري ڪندي پڪڙجي پئي. وڏا وڏا سردار گڏجي حضرت جن وٽ سفارش ڪرڻ آيا تہ کيس معافي ملي. پاڻ سڳورن کي اها ڳالھ پسند نہ آئي ۽ قدري جوش سان فرمايائون تہ قسم آهي اُنهي پالڻهار جو جنهن جي هٿ ۾ منهنجي جان آهي تہ جيڪڏهن منهنجي نياڻي فاطمہ (رضي الله تعاليٰ عنها) اهڙو فعل ڪري ها تہ بہ سندس هٿ وڍائي ڇڏيان ها. ڇا اوهان خدا جي شرعي حدن ۾ دست اندازي ٿا ڪريو!

پاڻ سڳورا فرمائيندا هئا تہ پنهنجي اولاد کي عزت ڏيو. پاڻ سڳورا ٻارن سان رانديون ڪندا هئا ۽ ڊوڙون پائيندا هئا. درحقيقت اِنسانن ۾ رانديين ڪرڻ جو جذبو فطرتي طرح رکيل آهي. تنهڪري نہ رڳو ٻارن کي پر وڏن کي بہ رانديون ڪرڻ گهرجن. رانديين ڪرڻ ڪري نہ رڳو بدن کي ورزش ٿي ملي پر ڪل خوشي جي ڪري تندرستي بہ سٺي ٿي رهي. خوشي جهڙي ٻي خوراڪ ئي ڪانهي. ازانسواءِ رانديين جي ڪري اخلاقن تي پڻ سٺو اثر پوي ٿو، هَٺُ گهٽ ٿو ٿئي ۽ مساوات يعني هڪجهڙائي جو گڻ پيدا ٿو ٿئي. پيار ۽ محبت پيدا ٿي ٿئي ۽ گڏ جي ڪم ڪرڻ جو مادو پيدا ٿو ٿئي وغيره وغيره.

### (7) مساوات يا هڪجهڙائي

مٿي مساوات يعني هڪجهڙائي بابت بحث ڪيل آهي. سڀ اِنسان هڪ ئي پالڻهار جا پيدا ڪيل آهيون تنهنڪري هڪ ئي ڪٽنب جا ڀاتي آهيون ۽ پاڻ ۾ ڀائر ڀينر آهيون. اسانجي پالڻهار اسان ۾ ڪو بہ تفاوت ڪو نہ رکيو آهي. سڀني کي هڪ جهڙا عضوا ۽ هڪ جهڙي فطرت ڏني اٿس. سڀئي سندس ئي نعمتون هوا، باھ، پاڻي، ميوا ۽ اناج ڪم ٿا آڻيون. اسلام اهڙي مساوات ۽ ڀائپي قائم ڪئي جو مسڪين بدوين بلڪ حبشي غلامن ۽ قريش سرادرن جي وچ ۾ ڪو تفاوت ڪو نہ رکيو. هڪڙي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

پيري ابن عدي رسول الله ﷺ وٽ آيو ته پاڻ سڳورن کيس گاديلي تي وهاريو ۽ پاڻ پٽ تي ويهي رهيا. هڪڙي پيري حضرت بلال حبشي غلام شاديءَ جي خواهش ڏيکاري ته سپني قريش: جي ڪنهن نئين چاول نياٽيءَ کي جيئري دفن ڪري ڇڏيندا هئا، انهيءَ عار کان ته وڏي ٿيندي ته پرڻائڻي پوندي: اهي ساڳيا مغرور قريش اڄ اسلام جي ڪري اهڙا نماڻا ٿي ويا هئا جو سپني يڪ آواز چيو اي بلال اسان تيار آهيون، جنهن کان نياٽي گهرين سو ڏيڻ لاءِ تيار آهي . ٻيا مسڪين ته ڇڏيو پر دشمن، ڪافرن ۽ ظالمن سان جيڪا هلت پاڻ سڳورا ڪندا هئا سا ٻڌو. جيڪي ڪافر جنگ ۾ گرفتار ٿيندا هئا تن کي حضرت جن گهٽو ڪري بنا عيوضي ڇڏي ڏيندا هئا. ڪن ڪن کي ضرورت وقت عيوضي ملڻ بعد ڇڏيندا هئا. جيستائين اهي عيوضو ڏئي پاڻ آزاد ڪرائيندا هئا تيستائين ائين لڳندو هو ته غلامن کي غلام ڪري ڪو نه ڏنو ويندو هو، پر گهر جي ڀاتي بلڪ بهتر ڪري ڏنو ويندو هو. حضرت جن جو حڪم هو ته جيترو ڪم پاڻ ڪريو اوترو غلامن کان ڪرايو. جهڙي ماني پاڻ کائو تهڙي کين کارايو ۽ جهڙا ڪپڙا پاڻ پايو تهڙا کين پهرايو. اهڙا غلام جڏهن آزاد ٿي گهر ويندا هئا تڏهن پنهنجن مائٽن کي حيرت جهڙيون ڳالهيون ٻڌائيندا هئا ۽ چوندا هئا ته خدا مسلمانن کي سلامت رکي، هو اسان کي پنهنجي ٻچن کان به اڳ ۾ ماني ڪارائيندا هئا ۽ اسان کي پاڻ کان به وڌيڪ سکيو رکندا هئا. پويان مسلمان بادشاه اگرچه اسلام تي پورا نه هئا ته به اهڙا گهٽائي مثال ٿيا آهن جو هو غلامن کي پٽن جهڙو ڪري پائيندا هئا. کين وزير، ايلچي، ڪمانڊر ۽ گورنر ڪندا هئا، بلڪ ڪڏهن ته ناتي بڻائي ملڪيت ۽ بادشاهيءَ جو وارث به ڪندا هئا.

حضرت جن نه رڳو خدا جا رسول هئا پر پڇاڙيءَ واري زماني ۾ پنهجي ملڪ عرب جي حڪومت به سندن هيٺ آئي. مگر پاڻ سڳورا پوءِ به اهڙا نماڻا رهيا جهڙا اڳي هئا. اڄو ڪن حاڪمن وانگر رعب ڪو نه رکندا هئا، نڪي بيجا حڪم ڪيندا هئا. جيڪي غير مسلمان، مسلمان ٿيندا هئا سي بيعت ڪرڻ وقت کي وعده ڪندا هئا. انهن ۾ پويون وعدو اهو هوندو هو ته سڀ ڪنهن چڱي ڳالهه ۾ رسول الله ﷺ جي فرمانبرداري ڪنداسين. پڙهندڙؤ! ڏسو ته اڄو ڪن مرشدن يا حاڪمن وانگر حضرت جن اهو شرط ڪو نه وٺندا هئا ته سڀ ڪنهن ڳالهه ۾ منهنجي فرمانبرداري ڪندو، مگر اهو شرط وٺندا هئا ته سڀ ڪنهن چڱيءَ ڳالهه ۾ منهنجي فرمانبرداري ڪندو. اگرچه خدا جو رسول ڪڏهن به اڻ چڱي ڪم لاءِ حڪم نٿو ڪري تڏهن به انهيءَ نموني جو وعدا وٺندا هئا. هڪڙي سچي روايت آهي ته ڪنهن شخص حضرت جن کي عرض ڪيو ته منهنجي زال کي سمجهايو ته منهنجو فلاڻو ڪم ڪري. پاڻ سندن زال کي سمجهايائون ان مائي پڇيو ته خدائي شرعي حڪم ٿا ڏيو يا ذاتي سفارش ٿا ڪريو. پاڻ فرمايائون ته ذاتي سفارش ٿو ڪريان تنهن تي مائيءَ چيو ته مان


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

اهو ڪم نٿي ڪري سگهان. رسول الله ﷺ ان تي ڪجهه به ناراضپو نه ڏيکاريو ۽ فرمايو ته چڱو تنهنجي مرضي. سبحان الله! ڪهڙي نه عجيب ثابتي آهي ته خدائي شرعي حڪمن کان سواءِ ٻيو ڪو به حڪم حضرت جن زور سان ڪو نه مڃائيندا هئا، اگرچ اُهو حڪم بلڪل چڱي ڳالهه بابت هجي.

## (8) بنياد آهي پيار ۽ محبت

اڳين مضمونن ۾ چٽائيءَ سان ڏيکاريل آهي ته (هي حديث آهي) سڀني کان چڱو انسان اُهو آهي جو ٻين انسانن کي نفع ٿو پهچائي. ٻي حديث آهي ته مسلمان اُهو آهي جنهنجي هٿ ۽ زبان کان ٻيا انسان سلامت هجن. هن مان ثابت آهي ته سڀني کان خراب انسان اهو آهي جو ٻين سان ظلم ٿو ڪري، ٻين کي گاريون ٿو ڏئي، ناحق وڙهي ٿو، ٻين جونقصان ٿو ڪري، ٻين کي خواهه مخواهه رنجائي ٿو، چوريون ٿو ڪري، رشوت ٿو وٺي، ڌاڙا ٿو هڻي، خون ٿو ڪري وغيره وغيره. بلڪ ائين چئي ٿا سگهون ته جنهن جي هٿ ۽ زبان کان ٻيا ماڻهو سلامت نه آهن سو مسلمان ئي ناهي. هڪ ٻي حديث به آهي ته جيڪو پرائو حق ڪائي ٿو سو الله تعاليٰ جي هيڪڙائي جو مڃيندڙ ئي ناهي. اڄوڪي زماني ۾ بزرگ ۽ پهتل شخص خبر ناهي ته ڪنهن کي ٿا سمجهن؟ مگر قرآن شريف ۾ بلڪل چٽيءَ طرح فرمايل آهي ته توهان مان فقط اهو ئي چڱو آهي جو ٻين جي ڀلائي لاءِ خرچ ٿو ڪري، يعني فقط اهوئي شخص چڱو آهي جو پنهنجي بدن ۽ دماغ کي تڪليف ڏئي پنهنجو نقصان سهي ۽ پنهنجي جان جوکي ۾ وجهي ٻين سان ڀلايون ڪري ٿو ۽ الله تعاليٰ جي ڏنل رزق مان وسعت آهر محتاجن جي مدد ڪري ٿو. جمع جي خطبه ۾ هر هفتي پيش امام قرآن شريف جي هڪڙي آيت پڙهندو آهي جنهن جي معنيٰ آهي ته الله تعاليٰ عدل ڪرڻ، احسان ڪرڻ ۽ مائٽن کي ڏيڻ جو حڪم ٿو ڪري.

جنهن صورت ۾ ٻين سان ڀلائي ڪرڻ ئي سڀني کان وڏو خلق آهي تنهن صورت ۾ سوال آهي ته ڪيئن ٿو اهو گڻ پاڻ ۾ پيدا ٿئي. جواب آهي ته انهيءَ گڻ جو بنياد آهي پيار ۽ محبت. ڏسو ته اسان پنهنجي اولاد سان محبت هئڻ ڪري پاڻ تڪليفون ڏيئي به ڪين خوش رکڻ جي ڪوشش ٿا ڪيون. ساڳيءَ طرح اولاد، ماءُ پيءُ لاءِ ۽ ڀائر ڀينر هڪ ٻئي لاءِ اوتري ئي قدر چڱايون ڪن ٿا جيتري قدر هڪ ٻئي لاءِ پيار محبت رکن ٿا. مگر الله تعاليٰ جو اسان کي ماءُ پيءُ کان به هزار ڀيرا وڌيڪ پيار ٿو ڪري ۽ جو اسان کي هر قسم جون نعمتون ٿو بخشي تنهن لاءِ اسان کي هزار ڀيرا وڌيڪ محبت هئڻ گهرجي ۽ جئن ته سڀ انسان الله تعاليٰ جا خلقيل آهيون ۽ انهيءِ ڪري اسان سڀ پاڻ ۾ ڀائر ڀينر آهيون، تنهن صورت ۾ اسان سڀني کي هڪ ٻئي سان اهڙي ئي ۾ محبت هئڻ گهرجي جهڙي ماءُ پيءُ کي اولاد لاءِ آهي. هڪڙي حديث آهي ته الله


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

تعاليٰ ٿو فرمائي ته اي بندا مون سان محبت رکڻ جي دعويٰ ٿو ڪرين ته پهريائين ذات انسان سان محبت رک. ٻي قدسي حديث آهي ته الله تعاليٰ فرمائيندو ته فلاڻا! مان بيمار هوس تون مون کان پڇڻ نه آئين ۽ منهنجي تيمارداري (خدمت يا سنڀال) ڪا نه ڪيئي. اهو شخص چوندو ته اي رب سائين! تون ته بيمارين کان پاڪ آهين مان ڪيئن تنهنجي تيمارداري ڪيان ها. پاڻ فرمائيندو ته فلاڻو شخص بيمار هو تو کي خبر به هئي ته به تو هن لاءِ ڪجهه نه ڪيو. وري فرمائيندو ته فلاڻا! مان بکيو هوس تو مونکي ماني نه کارائي. اهو شخص چوندو ته اي رب! پاڪ تون بک ڏک کان آجو آهين مان ڪيئن تو کي ماني کارايان ها. تڏهن پاڻ فرمائيندو ته فلاڻو شخص فلاڻي وقت بکيو وينو هو تو کي خبر به هئي ته به تو هن کي ماني نه ڏني. سبحان الله! هنن حديثن مان ظاهر آهي ته الله تعاليٰ انسان کي پاڻ سان گويا ملائي ٿو ڇڏي ۽ هڪ ٿو سمجهي. هاڻي هي ڳالهه بلڪل صاف ٿي ويئي ته جيڪو سيني انسانن سان محبت ٿو رکي ۽ ٻين سان چڱايون ٿو ڪري سو ئي الله تعاليٰ سان محبت رکندڙ آهي ۽ اهو ئي الله تعاليٰ کي پيارو آهي ۽ اهو ئي الله تعاليٰ وٽ عزت وارو آهي، مگر جو شخص ٻين سان محبت جي بدران دشمني ٿو رکي ۽ چڱاين ڪرڻ جي بجاءِ ٻين کي ايذائي ٿو ۽ ٻين جونقصان ٿو ڪري سو الله تعاليٰ جو نه رڳو نافرمان آهي پر دشمن آهي ۽ الله تعاليٰ به انهيءَ کي خوار خراب ڪري جهنم ۾ داخل ٿو ڪري.

### (9) ٻين سان چڱائي يا برائي ڪرڻ جو باريڪ فلسفو

ٻين سان چڱائي ڪرڻ درحقيقت پاڻ سان چڱائي ڪرڻ آهي ۽ ٻين جو نقصان ڪرڻ درحقيقت پنهنجو نقصان ڪرڻ آهي. هي اُهو باريڪ فلسفو آهي جو گهڻن کي سمجهه ۾ نه آيو آهي ۽ گهڻن ٻڌي سڌي به وساري ڇڏيو آهي. سياڻا چئي ويا آهن ته پلو ڪر ته پلو ٿيئي، ۽ پڻ چيو اٿن ته جيڪو ٻين لاءِ کڏ کوٽيندو تنهن ۾ پاڻ پوندو. قرآن شريف ۾ پڻ باربار اهڙي چتائي ڪيل آهي مثلا هڪڙي هنڌ فرمايل آهي ته اُنهن وانگر نه ٿيو جن خدا کي وساري ڇڏيو، پوءِ پاڻ کي وساري ڇڏيائون يعني جيڪي خداءِ جي حڪمن تي نه هليا تن درحقيقت پنهنجو ئي نقصان ڪيو. اهو پهاڪو پڻ مشهور آهي ته جيڪو خادم ٿو ٿئي سو ئي مخدوم ٿي ٿو وڃي. جيڪو خلق جي خدمت ٿو ڪري تنهن کي ئي خلق پنهنجو رئيس يا سردار ٿي ڪري. هوئين به پنهنجو عقل هلائي ڏسو ته ڳالهه صاف ظاهر ٿي پوندي. جيڪڏهن هڪڙا ماڻهو ٻين سان سچي نيت سان ڀلايون ڪندا، جنهن ڪري سيني کي فائدو ٿيندو ۽ سيني جي ترقي ٿيندي، مگر جيڪڏهن ڪي ماڻهو ٻين جونقصان ڪرڻ تي سندرو ٻڌي بيهندا ته ضرور ٻيا به ڪين نقصان رسائڻ جي ڪوشش ڪندا جنهن ڪري سيئي نقصان هيٺ ايندا ۽ نتيجو ٿيندو قوم جي بربادي. سڄي قوم يا سڄو ملڪ ٻيڙيءَ مثل آهي.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

جيڪڏهن ٻيڙي دير سان پار پهچندي يا ٻڏي ويندي ته ٻيڙيءَ ۾ ويٺل سيني ماڻهن جو نقصان ٿيندو، پر جيڪڏهن ٻيڙي آسانيءَ سان جلد پار پهچندي ته سيئي گڏجي ملڪ جي ترقي ڪنداسون ته اسان سيني جي چڱائي آهي، پر جيڪڏهن سيئي هڪ ٻئي جو نقصان ڪري ملڪ جي ٻيڙي ٻوڙينداسون ته سيئي تباهه ٿينداسون.

اسان جي سنڌ ملڪ جي اخلاقي حالت تباهه ڪن آهي. اسان سڀ پنهنجي غلط عقل موجب پنهنجي غرضن لاءِ ٻين جو نقصان ٿاڪريون ۽ پاڻ سان گڏ ٻين کي به تباهه ٿا ڪيون. سمجهو ته ڀن شينهن هڪ مٿل جانور لڌو آهي. هو صلح ڪري اُن کي ڪائڻ بدارن هڪ ٻئي سان وڙهي هڪ ٻئي کي ماري ٿا وجهن يا سمجهو ته هڪڙي ٻير آهي جنهن ۾ اڌ جيترا ٻيرو ڪچا آهن باقي ٻير ڪائڻ جهڙا آهن. پنڌرهن ماڻهو هڪڙي طرف کان اچن ٿا انهن ٻيرن لاءِ ۽ پنڌرهن ماڻهو ٻئي طرف کان. ٻئي ٽوليون هڪ ٻئي کان وڌيڪ ٻير حاصل ڪرڻ لاءِ زور سان ٻير ڇاڻي ڪچا ٻير به ڪيترائي ٽا وجهن بلڪ جلدي ڪرڻ لاءِ ٽاريون ڇڃي هٿ ۾ ٽا ڪن بلڪ هڪ ٻئي سان وڙهي هڪ ٻئي کي زخمي ڪري ٽا وجهن تان جو ڪي ته انهن مان مري ٽا وڃن. پوءِ ته پوليس به اچي ٿي مٿان ڪڙڪي. ٻئي ڌريون سخت تڪليف هيٺ اچي ٿيون وڃن. پوليس، وڪيل، مئجسٽريٽ، منشين بلڪ پٽيوالن کي پيسا ٽا ڏين ۽ مهينن جا مهينا رلي دربدر خاڪ بسر ٿي تباهه ٿي ٽا وڃن. اسانجي ملڪ جي حالت سچ پچ اُنهن شينهن وانگر يا ٻيرن تي وڙهندڙن وانگر آهي. اسان هڪ ٻئي جي نقصان ڪرڻ ڪان ڪو نه ٽا گسون. اسان تيسائين هرگز ترقي نه ڪنداسين جيستائين هڪ ٻئي سان عدل ۽ خيرخواهي نه ڪنداسون.

ارمان جي ڳالهه آهي ته هندستان ۾ هندو مسلم ڇڪتاڻ به وڌندڙ آهي. اسان جا مدبر ليڊر به اهڙي سولي ڳالهه سمجهي نٽا سگهن ته جيڪڏهن هندو مسلمانن سان عدل بلڪ احسان ڪن ته اُن ۾سندن ئي فائدو آهي ۽ جيڪڏهن مسلمان هندن سان چڱايون ڪن ته اُن ۾ مسلمانن جو فائدو آهي. جيڪڏهن مسلمان سچا ۽ وحشي هوندا ته هندنن کي انهن مان خطرو آهي ۽ جيڪڏهن هو سڌريل ۽ آسودا هوندا ته هندن کي به فائدو آهي. ساڳيءَ طرح هندو سڌريل ۽ شاهوڪار هوندا ته ان ۾ مسلمانن جو به فائدو آهي نه ته سندن به نقصان آهي. پوءِ ڇوءِ نه سيئي گڏجي ڪم ڪيون ۽ هڪ ٻئي سان محبت ۽ خيرخواهي سان هلون ته سيئي ترقي ڪري خوش گذاريون. وڻ جو ٻج پاڻ کي زمين ۾ دفن ڪري فنا ٿو ٿئي ته ان مان عجيب درخت پيدا ٿو ٿئي ۽ منجهس عجيب ميوا پيدا ٽا ٿين. ساڳيءَ طرح قوم اندر جيڪڏهن ڪو انسان ٻين لاءِ خود قرباني ٿو ڪري ته قوم جو سرتاج ٿو ٿئي. مگر هي لفظ خود قربانيءَ وارو ماڻهن کي ڏاڍو ڏيڇاريندڙ آهي. هو سمجهن ٽا ته ٻين لاءِ چڱايون ڪرڻ آهي پاڻ کي نقصان رسائڻ، بلڪ پاڻ کي تباهه ڪرڻ. ائين هرگز نه آهي. هر ڪو انسان پوءِ ڪهڙو به مسڪين


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

۽ محتاج هجي تہ بہ پاڻ کي نقصان رسائڻ کانسواءِ بہ ٻين جي ڪجھ نہ ڪجھ خدمت ڪري سگھي ٿو، همدردي ۽ خيرخواهي ڏيکاري چڱي صلاح ڏيئي سگھي ٿو يا گھٽ ۾ گھٽ ٻين کي نقصان رسائڻ کان پاڻ کي روڪي سگھي ٿو. مگر جيڪي ماڻھو علم ۽ دماغ وارا آهن يا دولتمند آهن سي پاڻ کي برباد ڪرڻ کانسواءِ ئي قوم جي لاءِ وڏا وڏا ڪم ڪري سگھن ٿا. ضروري ڳالھ فقط هيءَ آهي تہ هر ڪو انسان صاف نيت رکي پڪو ارادو ڪري تہ مان هرگز ڪنهن بہ انسان جو نقصان نہ ڪندس. سيڪنهن سان محبت ۽ خيرخواهي جي هلت هلندس ۽ پڇنديءَ آهر ٻين سان ڀلايون ڪندس ۽ ملڪ جي ترقيءَ لاءِ پاڻ پتوڙيندس. اها نيت رکي پڪو ارادو ڪري عمل ڪبو تہ انشاءَ الله اسان جو ملڪ چڱي ترقي ڪندو ۽ اسان سڀ خوش ۽ باعزت رهنداسين.

# نيڪ اخلاق ۽ نيڪ عمل

## (10) گناھ ۽ ان جا ڪارڻ

گناھ جا ڪم اهي آهن جي پاڻ لاءِ ۽ ٻين لاءِ نقصان ڪار آهن. جيڪي ڪم پاڻ لاءِ ۽ ٻين لاءِ فائدي وارا آهن سي ثواب جا ڪم آهن. مثلا فقط هڪ پيسو پنهنجو سمنڊ ۾ اڇلائي ڇڏڻ سو بہ گناھ جو ڪم آهي. اڳين مضمونن ۾ سمجھايل آهي تہ ٻين جونقصان ڪرڻ درحقيقت پنهنجو نقصان ڪرڻ آهي. هاڻي سوال آهي تہ ڪهڙا ڪم نقصان جا يعنيٰ گناھ جا آهن ۽ ڪهڙا ڪم چڱا يعني ثواب جا آهن. هي وڏو سوال آهي، جنهن بابت مذهبن يا ڌرمن گھٽي قدر صفائي ۽ رهنمائي ڪري ڇڏي آهي، البت ارمان جي ڳالھ آهي تہ ڪن خود غرض فرقن مذهبن کي بگاڙي ڇڏيو آهي تنهن ڪري مختلف مذهبن جي تعليمات ۾ فرق پيو ڏسڻ ۾ اچي. تاهم گھڻيون ئي مکيہ ڳالهيون سيني مذهبن ۾ اچي وڃن ٿيون. مثلا ڪوڙ، نڳي امانت ۾ خيانت، انجام پيڃڻ، چوري، ڌاڙو، خون، زنا، ظلم وغيره سيني مذهبن ۾ وڏا گناھ سمجھيا وڃن ٿا. ضروري ڳالھ هي آهي تہ مذهبي تعليم سان گڏ دنيوي تعليم عقل، غور ۽ فڪر جي بہ سخت ضرورت آهي. انهن جي ئي وسيلي اسان سمجھي سگھنداسين تہ ڪهڙا ڪم نقصان ڪار آهن ۽ ڪهڙا فائدي وارا آهن، ڪهڙا قوم ۽ ملڪ کي تباھ ڪندڙ آهن ۽ ڪهڙا ترقي ڪرائيندڙ آهن. جيڪڏهن علم ۽ عقل ڪونهي تہ پوءِ خود سچي مذهبي تعليم کي بہ بگاڙي ابتڙ ڪيا وڃن ٿا. ڪيترائي ماڻھو اهڙا ڪم ڪن ٿا جن کي هو ثواب جا ڪم سمجھن ٿا مگر درحقيقت گناھ جا ڪم آهن، ۽ ڪيترائي ماڻھو اهڙا ڪم نہ ٿا ڪن جن کي هو گناھ جا ڪم ٿا سمجھن مگر درحقيقت اهي ثواب جا ڪم آهن ۽ ڪرڻ گھرجن. ٻيو سوال هي آهي تہ جيڪڏهن گناہ جا سڀ ڪم پنهنجي لاءِ ئي ”نقصان ڪار آهن تہ ماڻھو پنهنجو نقصان پاڻ ڇو ٿا ڪن؟ ان بابت


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڪي سبب اڳي بہ بيان ڪيا ويا آهن، پر مکيہ سبب آهي جهل ۽ ناداني. ڏسو تہ ڪو ماڻهو پنهنجو هٿ باهہ ۾ ٿو وجهي تہ ايذاءِ ٿو اچي ۽ نقصان ٿو ٿئي تنهنڪري ڪو بہ ماڻهو اهڙو نادانيءَ جو ڪم نٿو ڪري. مگر هي ڳالهہ تمام سولي آهي تہ سڀ ڪو سمجهي ٿو سگهي ۽ ان جو نقصان ڪار نتيجو هڪدم ٿو ملي تنهن ڪري ڪو بہ ماڻهو اهڙو ڪم ڪو نہ ٿو ڪري. مگر جن نقصان ڪار ڪمن جو خراب نتيجو هڪدم ظاهر نٿو ٿئي تن ڪي سمجهڻ جاهلن لاءِ ڏکيو آهي. تنهن ڪري هو گناهہ جا ڪم ڪرڻ کان پاڻ کي نٿا روڪين. ساڳيءَ طرح ڪيترن ئي چڱن ڪمن يعني ثواب جي ڪمن ڪرڻ جو فائدو ترت ظاهر نٿو ٿئي تنهنڪري جاهل ماڻهو انهن جو فائدو سمجهي نٿا سگهن ۽ اهي ڪم نٿا ڪن. اهو ئي سبب آهي جو الله تعاليٰ اسان ڏي رسول ۽ رشي مني موڪليا جن اسان کي گناهہ ۽ ثواب جا ڪم ٻڌايا ۽ سمجهايا. مگر عجب هي آهي تہ اگرچہ ڪيترن ئي ماڻهن کي خبر بہ آهي تہ اسان جي ڌرم يا مذهب موجب فلاڻا ڪم گناهہ جا ۽ فلاڻا ثواب جا آهن تڏهن بہ اسان انهن موجب عمل نٿا ڪريون ان جو سبب هڪ هي آهي تہ اسان کي الله ۽ سندس پيغمبر تي پورو ايمان ڪونهي ۽ سندن تعليمات تي پورو يقين ڪونهي. جيڪڏهن ڪو حڪيم يا ڊاڪٽر اسان کي ڪوڙي دوا پيئڻ لاءِ حڪم ٿو ڪري ۽ ڪن لذيذ طعامن کائڻ کان منع ڪري تہ اسان هن تي ويساهہ رکي عمل ڪيون ٿا، مگر حڪيمن جي حڪيم يعني الله تعاليٰ تي اسان ايمان ڇڏي ڏنو آهي ۽ سندس تعليمات تي يقين ڪو نہ ٿا رکون. افسوس! مٿي چيو ويو آهي تہ جهل ۽ ناداني ئي وڏو ڪارڻ آهي گناهن جي ڪمن جو. تنهنڪري جهل خود ئي وڏو گناہ آهي. قرآن شريف ۾ گنهگارن، فاسق، ظالمن بلڪ ڪافرن کي جاهل ڪوٺيو ويو آهي، جنهن مان نتيجو ڪڍي ٿو سگهجي تہ جهل نہ رڳو وڏي ۾ وڏو گناهہ آهي مگر ڪفر آهي. اڪثر عالمن جي فتويٰ آهي تہ جهل ڪفر کي ويجهو آهي، مگر مان سمجهان ٿو تہ جهل مطلق عين ڪفر آهي.

### (11) سچ ڳالهائڻ

چوڻي آهي تہ سچ تہ بينو نچ ۽ ڪوڙ جي منهن ۾ ڌوڙ. اسڪولي شاگرد ڪتابن ۾ گهڻائي سبق ٿا پڙهن (مثلا جعفر وارو) تہ ڪوڙ ۾ وڏو نقصان آهي ۽ بيتن ۾ وڏي آواز چوندا آهن تہ آءُ نہ ڪڏهن ڪوڙو ٿيندس، ساهہ سدائين سچ تي ڏيندس وغيره وغيره. پر حالت هي آهي جو زبان سان هر ڪو ئي ٿو چوي تہ ڪوڙ ڳالهائڻ ڏاڍو خراب آهي مگر هر هڪ انسان سراسري ڏينهن ۾ ڏهہ ڏهہ ڪوڙ ڳالهائي ٿو، نڀيون ڪري ٿو، ڪوڙا وعدا ڏئي ٿو وغيره وغيره، انهيءَ جو سبب ڇا آهي؟ سبب هي آهي تہ ڪوڙ ڳالهائڻ سان پنهنجو مطلب ترت ڪڍي ٿو ونجي ۽ نتيجن جو ڪجهہ خيال نٿو ڪجي. ننڍن ٻارن کي پينگهي ۾ ئي ڪوڙ سيکاريو وڃي ٿو. مثلا ٻار رئندو آهي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

انگل ڪندو آهي ته ڪيس ڇيو ويندو آهي ته بس ڪر گهگهو ٿو اچي جو ڪائي ويندوءِ، بس ڪر نه ته گدڙ ڪٽي ويندءِ، بس ڪر نه ته ٻليءَ جي حوالي ٿي ڪريانءِ وغيره وغيره. نتيجو هي ٿو نڪري جو ٻار جلد ئي سمجهي ٿو وڃي ته ماءُ ساڻس ڪوڙ ٿي ڳالهائي. ازانسواءِ جڏهن ماءُ پيءُ، مٽ مائٽ ڪوڙ ڳالهائيندا ته ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون ڇو نه ڪوڙ ڳالهائيندا، پوءِ جيڪڏهن اسڪول ۾ سبق پڙهيائون ته ڇا ٿيو. هو سبق سمجهڻ ۽ عمل ڪرڻ واسطي ڪو نه ٿا پڙهن پر خالي پڙهڻ واسطي ماستر کي ٻڌائڻ واسطي ۽ امتحان ڏيڻ واسطي ٿا پڙهن. وڏي ارمان جي ڳالهه آهي ته خود معلم ۽ ماستر به خود شاگردن جي روبرو ڪوڙ ڳالهائين ٿا پوءِ شاگرد ڪيئن سچ ڳالهائڻ سڪندا. سچ پچ ته جي ڪڏهن معلم ۽ ماستر ڪوڙا آهن يا بداخلاق آهن ته هو شاگردن جي حياتي برباد ٿا ڪن ۽ هنن وٽ پڙهڻ ڪان نه پڙهڻ چڱو آهي. گهٽائي ماڻهو ائين چوندا آهن ته ڪوڙ ڪانسواءِ دنيا هلي نٿي سگهي. اها سندن ڪو تاهه نظري آهي، نه ته سچ اهو آهي ته ڪوڙ جي ڪري ئي دنيا هلي نٿي سگهي ۽ ڪوڙ جي ڪري ئي تباهيون، مصيبتون، جهيڙا، فساد، چوريون، ڌاڙا، خون ۽ ٻيا وڏا وڏا گناهه ٿين ٿا. جيڪڏهن ننڍي هوندي ڪان ئي ڪوڙ جي عادت ٻارن ۾ پئجي وڃي ته گناهن کي ٻنجو اچي وڃي. ڪوڙ سيني گناهن جي ماءُ آهي.

قرآن شريف ۾ آهي ته، ”لَّعْنَتَ اللّٰهِ عَلَى الْكٰذِبِيْنَ؀ يعني ڪوڙن تي الله تعاليٰ جي لعنت آهي.“ اهي شيطان وانگر الله تعاليٰ جي درگاه مان لوڌيل آهن. هڪڙي حديث شريف آهي ته منافق جون چار نشانيون آهن. جيڪڏهن چار ئي منجهس آهن ته هو پورو منافق آهي. جيڪڏهن هڪڙي اٿس ته اوتري قدر منافق آهي. اهي چار هي آهن: 1. ڳالهائي ته ڪوڙ ڳالهائي 2. واعدو ڪري ته ڀيجي 3. امانت ۾ خيانت ڪري ۽ 4. تڪرار ڪري ته گاريون ڏئي. منافق انهيءَ کي چئبو آهي جو اندر ۾ هڪڙي رکي ۽ ٻاهر ٻي. منافق، ڪافر کان به وڌيڪ خراب آهي. اوائلي زماني ۾ مسلمان ڪنهن به حالت ۾ ڪوڙ ڪين ڳالهائيندا هئا. جيڪڏهن ڪو غير مسلمان ڪنهن مسلمان کي چوندو هو ته مان ڪيئن تو تي اعتبار ڪريان ته ڪيس چيو ويندو هو ته جيڪو مسلمان هوندو سو هرگز ڪوڙ ڪين ڳالهائيندو ۽ جيڪو ڪوڙ ڳالهائيندو سو مسلمان ئي ناهي. هڪڙي حديث يا قول آهي ته ڪوڙ، ايمان جي ڪتر آهي يعني جنهن ڪوڙ ڳالهايو تنهن جو ايمان ويو. افسوس ته ههڙين آيتن ۽ حديثن هوندي به اڄوڪا مسلمان ڪوڙ ٿا ڳالهائين، نڳيون ٿا ڪن، وعدا ڪري ڦري ٿا وڃن، امانت ۾ خيانت ٿا ڪن، گاريون ٿا ڏين ۽ ٻيا انهن کان وڏا گناهه به ٿا ڪن ته به پاڻ کي مسلمان ۽ بهشت جا حقدار ٿا سمجهن. ائين نٿا سمجهن ته هو هن ئي دنيا ۾ سچا ۽ ذليل ۽ خوار خراب ٿي پيا آهن، بلڪ گويا هتي ئي دوزخ ۾ آهن. الله تعاليٰ شال اسان سيني هندن خواه مسلمانن کي سيني گناهن کان بچائي، خصوصا ڪوڙ کان پري رکي.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

سڀ ڪنهن کي خبر آهي تہ جپاني ماڻهو وڏي ترقي ڪري ويا آهن. هو هن ئي دنيا ۾ بهشت جون موجون تا ماڻين. انهيءَ جو سبب ڇا آهي؟ جيڪي ماڻهو جپان ۾ رهي آيا آهن سي چون ٿا تہ جپاني ماڻهو ڪوڙ ڪڏهن ڪين ڳالهائيندا آهن. ٻيو عجيب خصلتون انهن ۾ آهن مثلاً صفائي، محنت ۽ سانگ صوفو. اهو ئي سبب آهي جو جپان جي ماڻهن سڄي دنيا کي واپار، هنر ۽ ڪاريگرين ۾ ڪامل شڪست ڏني آهي.

## (12) تهذيب ۽ وحشت

مهذب يا سڌريل ماڻهو اهو آهي جنهن کي ڪجھ علم ۽ عقل آهي، جنهن کي پنهنجي زبان، دل ۽ هٿ تي ڪجھ قدر ظابطو آهي. جو ٻين جي حقن ۽ جذبن جو خيال رکي ٿو بلڪ هميشہ اهو خيال ٿو رکي تہ مون کي ٻين سان اهڙي طرح هلڻ گهرجي جيئن مان چاهيان ٿو تہ ٻيا مون سان هلن. انجي ابتڙ وحشي يا جهنگلي ماڻهو اهو آهي جنهن کي علم ۽ عقل نالي ماتر آهي. جنهن کي پنهنجي زبان، دل ۽ هٿ تي ضابطو ڪونهي. جو پنهنجي خواهشن پوري ڪرڻ لاءِ ٻين جي حقن کي پائمال ڪرڻ کان بلڪل نٿو هٽي، بلڪ جنهن وقت هن ۾ ڪا خواهش يا جذبو اُڀري ٿو تنهن وقت هو هوش کان نڪري ڇا جو ڇا ڪري ٿو وجهي. اهڙا ماڻهو اڪثر ڪري ٻهراڙي جي ننڍڙن ڳوٺن يا بيابانن ۽ جبلن جا رهاڪو هوندا آهن جن ڪڏهن اسڪول يا مڪتب ۾ پير بہ ڪو نہ پاتو هوندو آهي. اهڙا ماڻهو ٿوري گهٽي ڳالھ تي گاريون ۽ بد الفاظ ڪيندا آهن ۽ لٺ يا ڪهاڙي وهائي ڪيندا آهن. تازي ڳالھ آهي تہ مٺي جي ٻاهران ڪنهن ميلي تي سوين مرد ۽ عورتون اچي گڏ ٿيون هيون. ڪو ٻهراڙي جو جهنگلي ماڻهو اچي اتان لنگهيو. نواجون عورتون هار سينگار سان ڏسي ان جهنگلي ماڻهو جوهوش ايتري قدر ڪافور ٿي ويو جو اٺ کي ڇڏي هڪ نوجوان عورت کي امالڪ اچي وحشيانہ نموني سان هٿ وڌائين. جيڪڏهن ٻيا مرد هن کي هڪدم نہ پڪڙين ها تہ هو سون مردن ۽ زالن جي وچ ۾ سڀ ڪجھ ڪري گذري ها. ٻي آڳاٽي ڳالھ آهي تہ ڪنهن ٻروچ کي واٽ ويندي ٻڪ لڳي. ڪو ماڻهو انجي اڳيان پيو ويو ٻروچ سمجهيو تہ مٺي تي ماني رکيو ڪنيو ٿو وڃي، سو هڪدم ترار ڪڍي هنجي سسي لاهي وڌائين پوءِ ڏٺائين تہ ماني نہ هئي پر ٽوپي هئي جا گهر وڃي ماءُ کي ڏنائين. ماءُ چيس تہ ابا سنڌي مئو تہ صدقي ٿيو مون کي ٽوپي جي ڏاڍي گهرج هئي. اهي مثال انهن ماڻهن جا آهن جيڪي ڏھ آنہ جهنگلي آهن. اسان پنهنجي غرضن خاطر جهنگلي ٻروچ وانگر ماني لاءِ خون ڪٽي ڪو نہ ٿا ڪريون مگر پاليسي، ڊپلومسي، منافقي، ٺڳي، ڏوڪيبازي بلڪ زور زبردستي سان هزارن جا حق پائمال ٿا ڪريون. هزارين ظلم ٿا ڪريون، چوريون ڌاڙا ۽ خون ٿا ڪريو ۽ ٻين نمونن سان هزارن جا خانا خراب ٿا ڪريون. تنهن ڪري ضروري آهي تہ پيينگهي کان وٺي پنهنجي ٻچن کي ۽ پاڻ کي اهو


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

ئي سبق سيکاريندا رهون ته اسان کي ٻين سان اهڙي طرح هلڻ گهرجي جهڙي طرح اسين چاهيون ٿا ته ٻيا اسان سان هلن.

ٻين سان عزت ۽ محبت سان هلڻ پاڻ لاءِ عزت ۽ محبت پيدا ڪرڻ آهي. ٻين جي حقن جو خيال رکڻ درحقيقت پنهنجي حقن جو بچاءُ ڪرڻ آهي، ائين ڪنداسون ته ٻيا ۽ اسان پاڻ ترقي ڪنداسون، ورنه سيئي تباهه ٿينداسون.

اڳئين زماني ۾ گاريون فقط رنگيليون ۽ ڪي مچي وڪٽندڙ مهاٽيون ڏينديون هيون. هاٽي ته عام ماٺهو ڪتي ڪي، ٻلي ڪي، ڏڳي ڍور ڪي بلڪ پٽر نکر ڪي، زال ڪي، ڌيءُ ڪي، ماءُ ڪي ڏينهن ۾ سو پيرا اهڙيون ڪچيون ۽ ڪنيون گاريون (مخصوص عضون جا نالا وٺي) ڏين ٿا جو ٻڌي دل ڪي صدمون ۽ لوڏو اچي وڃي ٿو، مگر هنن لاءِ رواجي ڳالهه آهي. عجب ته وري هي آهي ته انگريزي تعليم يافته انگريزي اسڪولن ۽ ڪاليجن جا شاگرد به اهڙيون ڪنيون گاريون ۽ بدالفاظ وات مان ڪڍن ٿا جو ٻڌي لڳ ڪاندارجي ٿا وڃن. وڌيڪ عجب هي آهي ته وڏا وڏا آفيسر ۽ زميندار گارين کي ڪميٽن جو ڪم سمجهڻ بدارن پنهنجي لاءِ شان، تجمل ۽ دٻدٻو ٿا سمجهن. هو اڪثر ڪري پنهنجن نوڪرن، زيردستن ۽ تعلق وارن سان گارين جي وسڪاري سان ڳالهائيندا آهن ۽ سمجهندا آهن ته اهو ئي اپاءُ آهي ٻين تي ظابطي ۽ انتظام ۽ رعب تاب رکڻ جو. درحقيقت ائين بلڪل نه آهي يورپي آفيسر پنهنجن نوڪرن ۽ زيردستن تي پورو پورو ضابطو رکن ٿا مگر نه گارين جي وسيلي.

حديث موجب گار ڏيڻ منافقي جي نشاني آهي. هڪڙي حديث ۾ آهي ته (هڪڙي مسلمان جو ٻي) ڪنهن مسلمان کي بچڙو ڳالهائڻ خدا تعاليٰ جي نافرماني آهي ۽ ان سان وڙهڻ ڪفر آهي. گارين ڏيڻ ۽ بدالفاظن ڪڍڻ مان هڪڙو نقصان اهو ئي ٿو ٿئي جو اڪثر ڪري ان مان جهيڙو زور ٿو وٺي ۽ ويڙهه ۽ خونريزي تي ٿئي. ٻيو وڏو نقصان هي آهي ته گارين ٻڌڻ ۽ ڏيڻ جي ڪري حياءُ، لڄ ۽ شرم نڪري ٿو وڃي، جنهن ڪري زنا ۽ بدڪارين لاءِ رستو صاف ٿو ٿئي. لڄ گناهن کان ڍال آهي تنهن ڪري ماءُ پيءُ ۽ استادن جو هي وڏو فرض آهي ته گارين کان پرهيز ڪن ۽ اولاد ۽ شاگردن کي انهيءَ بد تهذيبيءَ کان سختي سان روڪين.

## (13) پاڪدامني

قرآن شريف ۾ فرمايل آهي ته هر ڪنهن شيءَ ۾ نر ماد آهي. سائنس وارن به تازو هاٽي ثابت ڪيو آهي ته نباتات يعني وڻن، ٻوٽن، پوڪن وغيره ۾ نر ماد آهي ۽ نر جو ٻج ماديءَ جي گنيپرڻ ۾ ٿو پوي ته اُن مان ميوا اناج وغيره پيدا ٿين ٿا. ساڳي طرح ساهوارن جانورن ۾ به نر جو ٻج مادي ۾ ٿو پوي ته ٻچا ۽ اولاد پيدا ٿين ٿا. هن مان ڏسبو ته الله تعاليٰ فطرت ۾ نر ماد انهيءَ لاءِ رکيا آهن ته ميوا، اناج، ٻچا، اولاد پيدا


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ٽين ۾ ساهوارن جو گذارن ٿيندو رهي، ساهوارا پيدا ٿيندا رهن. ڏسو ته ڪتن، ٻلن، ڍڳن، ڍورن وغيره ۾ نر ۽ ماديءَ جو ميلاپ فقط تڏهن ٿو ٿئي جڏهن ماديءَ جي پيٽ ۾ آنا يا ٻچا پيدا ڪرڻا آهن، پوءِ ميلاپ ڪو نه ٿو ٿئي. وري جڏهن ٻچا وڏا ٿين ٿا ۽ ماءُ انهن کي پالڻ کان فارغ ٿئي ٿي، تڏهن وقت اچڻ تي وري به نر ۽ ماديءَ جي ميلاپ جي ضرورت ٻچن پيدا ڪرڻ لاءِ ٿئي ٿي. انهيءَ مان سمجهي سگهبو ته الله تعاليٰ انسانن ۾ به نر مادي خاص طرح انهي لاءِ ٺاهيا آهن ته انسانن جو نسل قائم رهي. مگر جيئن ته انسان اشراف المخلوقات آهي ته الله تعاليٰ انسانن کي ٻين حيوانن کان هزار ڀيرا وڌيڪ نعمتون عطا ڪيون آهن ۽ عطا ڪرڻ چاهي ٿو، تنهن صورت ۾ الله تعاليٰ مرد ۽ عورت جي ميلاپ ۾ ٻيون نعمتون ۽ برڪتون به رکيون آهن. اهو ئي سبب آهي جو ٻيا حيوان فقط ٻچن پيدا ڪرڻ جي موسوم ۾ ميلاپ ڪري سگهن ٿا مگر مرد ۽ عورت کي ٻين وقتن تي ميلاپ ڪرڻ جي طاقت پڻ ڏني ويئي آهي. مگر بي شڪر انسان انهي بي بها نعمت جو قدر نه سڃاڻي، عقل ۽ دين کي لتاڙي حدن کان ٻاهر نڪري اهڙا ڪنا ڪم ٿا جو ڪتن، ٻلن، نانگن ۽ مرن کان پاڻ کي بدتر بنائي پاڻ کي تباهه ڪري ٿا ڇڏين.

مرد ۽ عورت کي جو الله تعاليٰ گهڻو ڪري هر وقت ميلاپ ڪرڻ جي طاقت ڏني آهي سو ڇو؟ ان ۾ ڪهڙي حڪمت ۽ ڪهڙيون برڪتون رکيل آهن؟ جواب هي آهي ته الله تعاليٰ چاهي ٿو ته انسانن ۾ محبت ۽ خير خواهي ۽ خود قرباني جو ڍنگ پيدا ٿئي. اڳي سمجهايو ويو آهي ته نيڪ اخلاقن ۽ نيڪ عملن جو بنياد آهي پيار ۽ محبت. هاڻي ڏيکاريو ويندو ته پيار ۽ محبت جو بنياد آهي شادي. شادي ڪانسواءِ انسان جيڪر اهڙي ئي حالت ۾ هجن ها جهڙي حالت ۾ پيل يا جهنگ جا مرون آهن. شاديءَ جي ڪري ئي مرد کي عورت لاءِ ۽ عورت کي مرد لاءِ پيار ۽ محبت آهي. هو هڪ ٻئي لاءِ جيئن ٿا ۽ هڪ ٻئي لاءِ خود قربانيون ڪن ٿا. وري جڏهن ڪين اولاد پيدا ٿئي ٿو تڏهن پنهنجن ٻارن لاءِ بيحد پيار رکن ٿا ۽ اُنهن لاءِ سڀ ڪنهن قسم جون تڪيلفون خوشيءَ سان ڪن ٿا ۽ ڪين هر طرح سکيو ۽ خوش رکڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. والاد کي به ماءُ پيءُ جي هنج ۾ ئي پيار جو سبق ملي ٿو. اهو ئي ساڳيو پيار ۽ ساڳي خود قرباني بتدريج ٻين اِنسانن لاءِ پنهنجي قلب ۾ پيدا ڪري وسيع برادري قائم ڪجي ٿي. الله تعاليٰ جو مقصد ئي اهو آهي ته سڀ اِنسان هڪ ٻئي سان پيار ۽ محبت رکن، ميل ميلاپ ڪن ۽ هڪ ٻئي کي مدد ڏيئي اِنسان ذات جي سعادت ۽ ترقي جو سامان پيدا ڪن جا ڳالهه اڳين مضمونن ۾ بار بار سمجهائي ويئي آهي.

الله تعاليٰ اِنسانن کي ٻين حيوانن کان هزار بار وڌيڪ نعمتون ڏنيون آهن پر اُنهن سان گڏ خرابيون به رکيل آهن جن کان بچڻ لاءِ الله تعاليٰ اِنسانن کي عقل به عطا ڪيو آهي ۽ الهامي ڪتاب به موڪليا آهن جن ۾ هدايت جو رستو يعني سعادت ۽


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ترقي جو رستو ۽ گمراهيءَ جو رستو يعني مصيبتن ۽ تباهي جو رستو چٽا چٽا ڪري ڏيکاريا ويا آهن. مردن ۽ عورتن ڪي جُو هر وقت ميلاپ ڪرڻ جي طاقت ڏني وئي آهي سا هڪ بي بها نعمت آهي، مگر اُن سان گڏ حد ڪان ٻاهر وڃڻ ۾ جي خرابيون رکيل آهن سي بي انتها آهن. سڀني مذهبن جي تعليم آهي ته مرد عورت سان شادي ڪري ۽ هو هڪ ٻئي سان گڏ رهي ڪنٽب ناهين ۽ ڪو به مرد ڏارين عورتن سان ۽ ڪا به عورت ڏارئي مرد سان اهو تعلق نه رکي جو زال مڙس پاڻ ۾ رکن ٿا. ازانسواءِ ڪو به مرد ۽ عورت ڪنهن به ٻئي قسم جي بدڪاري نه ڪن. اسلام ۾ هن نسبت اهڙا ته سخت حڪم آهن جهڙا شايد ورلي ڪنهن مذهب ۾ هوندا. قرآن شريف ۾ آيتون آهن ته زنا ڪي ۽ فواحش ڪمن ڪي ويجهو به نه وڃو. هڪ حديث شريف آهي: ته زاني مسلمان ئي نه آهي جيستائين هو زنا ڪندو رهي ٿو. اسلام ۾ زنا ۽ اهڙيون بدڪاريوِن قانوني ڏوهه آهن. مثلا جيڪڏهن اڻ پڙٽيل مرد ۽ اڻ پرٽيل عورت زنا ڪري ته اُنجي سزا هڪ سؤ چهبڪ آهي ۽ جيڪڏهن پرٽيل مرد ۽ پرٽيل عورت زنا ڪري ته اُنجي سزا آهي پٿرن سان سنگسار ڪري مارڻ. اهڙين سخت سزائن مقرر ڪرڻ لاءِ ڪافي سبب آهن. زنا جا تباهه ڪندڙ نتيجا بيان ڪرڻ ڪان ٻاهر آهن. اِنسان جي لج نهايت قيمتي جزو آهي. زنا ۽ ٻين بدڪارين جي ڪري اِنسان جي تندرستي، طاقت ۽ عمر گهٽي قدر گهٽجي ويون آهن. زنا جي ڪري قيمتي وقت ۽ دولت ضايع ٿين ٿا. زنا جي ڪري فساد ۽ خونريزيون ٿين ٿيون. زنا جي ڪري گهر ۽ خاندان بهشت جي بدران دوزخ بنجي پون ٿا وغيره وغيره.

زنا ۽ ٻين اهڙين بدڪارين ڪان بچڻ لاءِ اسلام ڪي حيلا وسيلا به سيڪاريا آهن. خود نماز ۽ روزا به گهٽي قدر زنا ڪي روڪين ٿا، بشرطيڪ اهي سمجهه سان ادا ڪجن. سچي نماز ۽ پڳتي اها آهي، جنهن ۾ سچي نيت سان ڏٽيءَ ڪان سوال گهرجي ته اي پالڻهار مونکي سنئين واٽ ڏيکار ۽ گناهن ڪان بچاءِ ۽ چڱن ڪمن ڪرڻ جي توفيق ڏي. دعا سان گڏ هر وقت گناهن ڪان بچڻ ۽ چڱن ڪمن ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهجي. سچو ورت ۽ سچا روزا اهي آهن جن ۾ گناهن ڪان قطعي پرهيز ڪجي. قرآن شريف ۾ حڪم آهي ته ڏاريا مرد ۽ عورتون هڪ ٻئي ڏي نه نهارين ۽ عورت ڏارين مردن ڪي پنهنجو هارسينگار نه ڏيکاري نڪي ساڻن عشقي ڳالهيوِن ڪري. هڪ حديث آهي ته جتي هڪ مرد ۽ هڪ عورت اڪيلا ٿا ويهن يا رهن اُتي ٽيون شيطان به اچيو ٿو وهي. ٻي حديث آهي ته جتي هڪ اِنسان اڪيلو ٿو رهي اُتي هڪ شيطان به ٿو اچي رهي ۽ جتي ٻه اِنسان ٿا رهن يا گهمن اُتي ٻه شيطان ٿا اچن. مگر ٻن ڪان وڌيڪ جي سگنت چڱي آهي. هن مان هي به سمجهڻ گهرجي ته ٻه مرد به هڪ ٻئي سان اڪيلا نه رهن ۽ نڪي گهمڻ وڃن.

هڪڙي حديث آهي ته پنهنجي اولاد ڪي سج لٿي ڪانپوءِ گهر ڪان ٻاهر وڃڻ نه


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڏيو. هنن آيتن، حديثن ۾ پردي جو مقصد فقط هي آهي تہ مردن خواهہ عورتن کي رڳو زنا ۽ بدڪارين جو وجھ نہ ملي پر رڳو فاحش ڳالهين ڪرڻ جو وجھ بہ نہ ملي. ٻيا وسيلا هي آهن تہ خراب ماڻهن جي صحبت کان پري ڀڄجي ۽ فحش ڳالهين ڪرڻ، بدالفاظن ڪڍڻ بلڪ خراب خيالن کان پاڪي پري رکجي. واندو يا بيڪار وهڻ بہ خراب خيالن ۽ خراب ڪمن جو باعث بڻجي ٿو. سڀ ڪنهن اِنسان کي گهرجي تہ چڱن ڪمن ۾ چڱين وندرن ۾ مشغول رهي.

هڪڙي حديث آهي تہ جنهن کي لڄ نہ آهي تنهن کي ايمان بہ ڪونهي. وڏي افسوس جي ڳالھ آهي جو اڄ ڪلھ عوام الناس خواهہ عزت ۽ دولت وارا ماڻهو نہ رڳو ڪليو ڪلايو زنا ڪن ٿا ۽ پرايون عورتون گهر ۾ يا گهر جي ويجهو رهائين ٿا ۽ ڪليو ڪلايو ٻيون بدڪاريون ڪن ٿا پر اهڙن ڪمن تي فخر بہ ٿا وٺن ۽ لاف زني بہ ٿا ڪن نعوذ باالله منها. اهڙن ماڻهن شرم ۽ حيا وڪڻي ڇڏيو آهي ۽ هو اسلام ۽ ايمان کان سوَ ڪوهہ پري ٿي ويا آهن. ڏٺي شال اسان سيني هندن خواهہ مسلمانن کي بيحيائي ۽ بدڪارين ۽ زنا کان پناهہ ڏئي.

## (14) سخاوت ۽ پنڻ جو ڌنڌو

سڀ ڪنهن مذهب ۾ سخاوت هڪڙو تمام اعليٰ خلق سمجهيو وڃي ٿو. هڪ حديث شريف آهي تہ ٻہ انسان ريس ڪرڻ جي لائق آهن، هڪ علم وارو جو ٻين کي علم سيکاري ۽ ٻيو دولت وارو جو پنهنجي دولت مان ٻين جي فائدي ڪاڻ سخاوت ڪري. مگر هڪڙي ڳالھ جا عام طرح ماڻهن وساري ڇڏي آهي سا هيءَ آهي تہ ڪوبہ چڱو خلق، جيڪڏهن عقل موافق مناسب موقع تي ڪم نہ آڻبو تہ اُبتو نقصانڪار ثابت ٿيندو، تنهنڪري اُهو ثواب جو ڪم ناهي پر گناهہ جو ڪم آهي. ساڳي طرح ڪاوڙ هڪ خراب خلق سمجهيو وڃي ٿو. مگر جيڪڏهن ان کي عقل موافق مناسب موقع تي ڪم آڻجي تہ ان مان فائدو ٿو ٿئي ۽ اهو ثواب جو ڪم بڻجي ٿو پوي. مثلاً جيڪڏهن ڪنهن غريب سان ڪو ظالم ظلم ڪري تہ ڪاوڙ نہ اچڻ گهرجي ڇا؟ ضرور اچڻ گهرجي. مگر آپي کان ٻاهر نڪري نہ وڃجي، ۽ عقل کان ڪم وٺي مناسب طور ان غريب کي ظالم جي ظلم کان بچائجي ۽ جيڪڏهن ظلم ٿي بہ ويو هجي تہ حتي المقدور مظلوم کي ان جو عيوضو ڏياريو وڃي ۽ ظالم کي اهڙي تنبيهہ ڪجي جو آئينده اهڙا ظلم نہ ڪري.

اڄ ڪلھ سخاوت اهڙي ڪم عقلي سان ۽ نامناسب طور ڪئي وڃي ٿي جو فائدي جي بدارن قوم ۽ ملڪ جي تباهي ٿي ٿئي. انهي نامناسب سخاوت جو نتيجو هي نڪتو آهي جو هزارين ڏٺا مٺا، تلها متارا ڪم يا ڌنڌو ڪرڻ ڦٽي ڪري پنڻ جو پيشو اختيار ٿا ڪن ۽ سون فڪرن ۽ حيلن سان پرائي پگهر جي ڪمائيءَ مان چڱو


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

حصو پنهنجي هٿ آٽي نشي ۽ ٻين بدڪارين ۾ خرچ ڪن ٿا. اهڙن ماڻهن کي خيرات ڏين گناهه آهي. ڇو ته هنن کي خيرات ملڻ جي ڪري ئي هنن مان ڏنڌي ڪرڻ جي خيال نڪري ٿو وڃي ۽ سستي پيدا ٿي ٿئي ۽ قوم جي دولت اجائي ضايع ٿئي ٿي. جيڪڏهن هنن کي خيرات نه ڏبي ته هوضرور وڃي ڪنهن چڱي ڌنڌي کي لڳندا. ڪيترن ئي حديثن مان ثابت آهي ته اهڙن ماڻهن کي خيرات نه ڏيڻ گهرجي. پنڻ حرام آهي. پنڻ تڏهن جائز آهي جڏهن ڪم به نه لڳي ۽ اهڙي ڪا به شيءَ ڪا نه هجي جا وڪڻي اٽو يا چانور وٺي ويلو ڪاٽجي. جيڪڏهن هڪ ئي ويلي لاءِ اٽو يا چانور موجود آهي ته پنڻ حرام آهي. پاڙي وارن تي فرض آهي ته اهڙو ماڻهو جيڪو بکيو هجي تنهن کي ماني ڪارائين ۽ پوءِ پاڻ ڪائين ۽ اُگهاڙو هجي ته ڪپڙو ڊڪائين، ٻي ڪا ضرورت هجي اها پوري ڪن، مگر هن کي پئسا نه ڏين. ساڳي طرح انڌن، منڍن ۽ جڏن کي به پنڻ نه ڏجي. هنن کي ڪو نه ڪو مناسب طور ڪم جيڪو هو ڪري سگهن سو ڪرڻ لاءِ ڏجي. پوءِ به جيڪڏهن هنن کي پورت نه پوي ته پاڙيوارن کي گهرجي ته هن جو احتياج پورو ڪن. جيڪڏهن ائين ڪبو ته پنڻ جو ڌنڌو قطعا بند ٿي ويندو ۽ بند ٿيڻ گهرجي. حساب ڪيو ويو آهي ته سنڌ ۾ سال ۾ ٻه ڪروڙ رپيا فقط پنندڙن تي خرچ ٿو اچي. سرڪار کي به گهرجي ته ڪي اهڙا قانون پاس ڪري جن جي ڪري پنڻ جو ڌنڌو بند ٿئي يا ڪم از ڪم گهٽو گهٽجي وڃي.

سڀ کان چڱي سخاوت اُها آهي جنهن مان مجموعي طرح قوم جي ترقي ٿئي، مثلا اسڪول ۽ مدرسن کي مدد ڏيڻ، خيراتين اسپتالون کولائڻ، ايماندار ماڻهن کي مدد ڏيئي سندن ڌنڌي، کيتي، هنر، واپار وغيره ۾ کين ترقي ڏيارڻ وغيره. ملڪيت مان ڪجهه حصو اهڙن ڪمن لاءِ هميشه کان وقف ڪري ڇڏڻ بهترين سخاوت آهي. ان کي صدقه جاريه چئبو آهي.

## (15) عدل ۽ رشوت

هر ڪو پيش امام هر ڪنهن خطبي ۾ قرآن شريف جي هي آيت ضرور پڙهندو آهي ته الله تعاليٰ اوهان کي عدل ۽ احسان جو حڪم ٿو ڪري. انسانيت جي عروج جا ٽي ڏاڪا آهن. 1. هيءُ ته هڪ انسان ٻين اِنسانن سان عدل ڪري يعني سيڪنهن کي حق پلئ وجهي، ڪنهجو به حق نه ڪائي، نه ڪنهن کي ايذائي ۽ نه ڪنهنجو نقصان ڪري. 2. ٻيو درجو اِنسانيت جو هي آهي ته نه رڳو ٻين سان عدل ڪري پر ٻين سان احسان ڪري، ٻين سان چڱايون ڪري، چڱايون نه ڪري سگهي ته ڪم از ڪم سچي نيت سان خير خواهي ۽ همدردي رکي ۽ سيڪنهن سان وٽندڙ نموني ۾ پيش اچي. هڪ حديث شريف آهي ته رڳو ٻين سان مرڪي ملڻ به سخاوت آهي. 3. ٽيون درجو انسانيت جو هي آهي ته انسان ٻين سان اهڙي خوشي ۽ محبت سان چڱايون ڪري،


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

جيئن ماءُ پيءُ، اولاد سان وڏي خوشي ۽ محبت سان چڱايون ڪندا آهن.

مٿي عدل جي وسيع معنيٰ ڏني ويئي آهي، محدود معنيٰ ۾ عدل انهيءَ کي چوندا آهيون جو ڌرين جي وچ ۾ فيصلي ڪرڻ ۾ ڏيکاربو آهي. اسان جا جج، مئجسٽريٽ، وڏيرا، مکي، پٽيل وغيره تڪڙا ڌرين جي وچ ۾ فيصلا ڪندا آهن، مگر انهن مان پنجاه في صدي عدل جي بدران ظلم ڪندا آهن. عدل انصاف جو خون ڪرڻ هڪ تمام عظيم گناه آهي، جنهن گناهه جي ڪرڻ کان اڄ ڪلهه جا فيصلا نبيريندڙ اڪثر ڪري ڪو نه ٿا ڊڄن. بي انصافيءَ جو نتيجو اهو ٿيو آهي جو لچن، بدمعاشن ۽ ظالمن جون ڪاروايون قائم ٿي ويون آهن. اهي هر طرح ظلم ڪن ٿا مگر انهن جو ڪو نالو به ڪو نه ٿو وٺي سگهي. سڀ ڪوئي ڪانئن ڊڄي ٿو. امن امان نڪري ويو آهي، شريفن جو نه مال سلامت آهي، نه عزت سلامت، نه جان سلامت، ۽ نه سندن عورتن جي عصمت سلامت آهي.

انهيءَ ظلم ۽ بيداريءَ جو وڏو ڪارڻ رشوت آهي. رشوت اهي ٿا وٺن جن کي اڪثر ڪري ٻين کان وڌيڪ ملڪيت ۽ وڌيڪ پيدائش آهي. اُنهن شرم ۽ حياءُ سڀ وڃائي ڇڏيو آهي ۽ الله تعاليٰ کي قطعي وساري ڇڏيو اٿن. سندن رشوت خوري جي ڪري ظلم جي بازار گرم لڳي ويئي آهي. رشوت ڏيندڙ خواه وٺندڙ تي الله تعاليٰ لعنت فرمائي آهي. اگرچه رشوت وٺندڙن جو ڏوهه تمام وڏو آهي تاهم رشوت ڏيندڙ اڪثر ڪري مجبوري حالتن هيٺ رشوت ٿا ڏين تاهم ڪين گهرجي ته همت ڪري رشوت ڏيڻ کان پاڻ کي روڪين ۽ نقصان سهڻ پسند ڪن. پهريائين بيشڪ تڪليف ڏسڻي پوي ٿي پر پوءِ نيٺ فائدو پوي ٿو. ٻيو ڪارڻ ظلم ۽ بيداريءَ جو آهي. ڪوڙي گواهي ڏيڻ. ڪوڙي شاهدي ڏيڻ به هڪ عظيم گناهه آهي. جيڪڏهن شاهد ڪوڙي شاهدي ڏيندو ته پوءِ ويچارو مئجسٽريٽ ڪيئن انصاف ڪري سگهندو. شاهدي هميشه سچي ڏيڻ گهرجي اگرچه اها پنهنجي پيءُ يا ٻين مائٽن جي خلاف هجي. شاهدي ڏيڻ ۾ ڪنهن کان به ڊڄڻ نه گهرجي، جيڪو ٻين کان ڊڄي ٿو سو خدا کان نٿو ڊڄي. مان هڪ غريب سان ظلم ٿو ڪريان سياڻي مون سان به ظلم ٿيندو، سچي شاهدي ڏيڻ ۾ منهنجو فائدو آهي. مئجسٽريٽ به اهو ئي عادل منصف آهي جو پنهنجي پٽ ۽ پيءُ کي به مناسب سزا ڏيئي ڇڏي. جيستائين ڪامورا رسائي بند نه ڪندا تيستائين ملڪ تباهه پيو ٿيندو. سرڪار نامدار کي به گهرجي ته رشوت ۽ رسائي بند ڪرڻ لاءِ خاص ڪوششون وٺي.

## (16) رحمدلي ۽ وياج خوري

اسلام ۾ وياج ڏيڻ توڙي وٺڻ حرام آهي. ٻين مذهبن جي تعليم وياج نسبت خبر نه آهي ته ڪهڙي آهي، مگر شيڪسپيئر جي مشهور ڊراما ”وينس جو سوداگر“


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

مان ڏسجي ٿو ته ڪم از ڪم راڻي ايليزبيٿ جي ڏينهن تائين عيسائي مذهب ۾ به وياج حرام سمجهيو ويندو هو. ڪي ماڻهو دليل ڏيندا آهن ته پئسا واپار ۾ لڳائڻ ۽ نفعو ڪيڻ ۽ جاءِ جوڙائي مسواڙ جي ڪمائي به وياج وانگر آهن، تنهنڪري وياج جائز آهي، مگر ائين نه آهي. واپار ڪرڻ ۾ ڪم ڪرڻو ٿو پوي، ڇو ته جنسون خريد ڪجن ٿيون، ڪٽائجن ٿيون ۽ ريزڪي طور وڪڻجن ٿيون ساڳي طرح جايون جوڙائجن ٿيون يا جڙيل جاين جي وقت به وقت مرمت ڪرائجي ٿي وغيره وغيره. مگر اڌارن پيسن ڏيڻ ۾ ۽ بنديءَ ۾ لکي ڇڏڻ ۾ ڪو ڪم ڪو نه آهي. اجا به وڏو سبب وياج جي ناجائز هئڻ جو هي آهي ته وياج وٺندڙ ضعيف اِنسان جي ڪمزورين جي فائدو ٿو وٺي. انسان ويچارو اڪثر مت جو موڙهل آهي، جاهل آهي، ضعيف دل آهي ۽ گهڻو ڪري سستي، عياشي ۽ اسراف ڏي مائل آهي. انهيءَ ڪري ئي حديث سڳوري آهي ته بازار ڏي جيڪڏهن وڃڻو پوي ته بازار جي شر کان پناهه گهري پوءِ وڃجي ۽ پڻ حديث آهي ته جڏهن تو ڪي ڪنهن شيءَ خريد ڪرڻ جي دل چوي، تڏهن اهو خيال ڪر ته اُنهي شيءَ ڪانسواءِ منهنجي سري سگهندي يا نه. جيڪڏهن سمجهين ته سري سگهندي ته پوءِ خريد نه ڪر. جيڪڏهن ماڻهن کي اڌارو پئسا ملن ٿا ته هو بيوقوف ۽ بيپرواه بڻجي وياج تي اُڌارو وٺن ٿا. پئسا خوب وٺن ٿا ۽ پاڻکي تباهه ڪن ٿا. جيڪڏهن ڪين وياج تي پئسا نه ملن ته هو مجبورا سستي ۽ عياشي ۽ اسراف ڇڏي ڏيندا. سيني قومن جي حالت ڏسو، جتي به وياج جو دستور گهڻي قدر چالو آهي اُتي قوم ۽ ملڪ تباهه حال آهي، قرضدار ماڻهو غلام ۽ ٻانها ٿي ٿا گذارين ۽ هو دنيا ۾ ڪجهه به ڪرڻ ڪان عاجز ۽ جڏا آهن. عجب ته هي آهي ته خود وياج وٺندڙ به اڳي يا پوءِ تباهه ٿا ٿين. جيئن مردا وهنجاريندڙ اڪثر ڪري فطرتا چاهيندا آهن ته ڪي ڍنگ مرن ته پئسا ڪمايون. تهڙي طرح اڪثر وياج وٺندڙ فطرتا چاهيندا آهن ته ملڪيتن وارا، عيش، اسراف، بدڪارين ۽ گناهن ۾ ڦاسن ته اسان وياج ڪمائي سندن ملڪيتون ڦٻايون. نتيجو هي ٿو ٿئي جو وياج وٺندڙن ۾ سنگدلي ۽ بي رحمي پيدا ٿئي ٿي ۽ وياج ڏيندڙن ۾ تباهه ٿيڻ وقت وياج وٺندڙ لاءِ دشمني پيدا ٿي ٿئي. وياج وٺندڙ نه رڳو سنگدل ٿا ٿين پر ٿوري وقت بعد اُنهن ۾ به سستي ۽ عياشي پيدا ٿئي ٿي. هو لالچجي مسڪين ماڻهن کي به وڏن وياجن تي پئسا ٿا ڏين، جن مان ڪيترائي قرض ڏيئي نٿا سگهن ۽ لهڻيدارن کي ٽوٽو پئجي ٿو وڃي. سنڌ ۾ ڪجهه وقت ڪان اها حالت مون گهڻي قدر ڏٺي آهي جو خود وياج وٺندڙ به تباهه ٿي ويا آهن.

قرآن شريف ۾ جتي جتي وياج ڪان منع ڪيل آهي اُتي پهريائين رحمدلي ڏيکارڻ ۽ زڪوات ۽ خيرات ڏيڻ جو حڪم آيل آهي جنهن مان نتيجو ڪيدي سگهجي ٿو ته وياج وٺڻ رحمدلي ۽ خيرات ڏيڻ جو ضد آهي.

سنڌ ۾ وياج خور گهڻو ڪري پئسو رپئي تي يا ٽڪو رپئي تي يا آنو رپئي تي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

مهيني ۾ وياج وٺن ٿا. آني رپئي جي حساب سان سورهن مهينن ۾ رقم ٻيڻي ٿئي ٿي. ازانسواءِ هميشه ڇهين مهيني يا ٻارهين ٻارهين مهيني وياج مور سان گڏيو وڃي ٿو هي حالت بلڪل تباهه ڪندڙ آهي. ڪي ماڻهو وياج تي پئسا ڪٽي ڪو ڌنڌو ڪندا آهن. ائين ڪرڻ به تباهي جو ڪارڻ ٿو ٿئي ۽ ڌنڌي ۾ ڪامياب ٿي نٿو سگهجي.

وياج وٺڻ سرمايه داري جي خرابين مان وڏي ۾ وڏي خرابي آهي ۽ يورپ ۾ اها خرابي گهٽي قدر محسوس ڪئي اٿن ۽ ماڻهو سوشلزم ڏي مائل ٿيندا ٿا وڃن. سنڌ جي سرڪار کي گهرجي ته وياج جي تباهي کان قوم ۽ ملڪ کي نجات ڏيڻ لاءِ ڪي سخت قانون پاس ڪري ۽ مالي ترقي ڪرڻ جي آڏو اها جيڪا وڏي ۾ وڏي رڪاوٽ آهي، سا دفع ڪري ڇڏي ته ماڻهو هندو خواه مسلمان مالي ترقي ڪري خوشحال ۽ آسودا ٿين.

سرمايه دارن کي گهرجي ته پهنجا پئسا واپار، ڪارخانن ۽ ميون جي باغن پوکائڻ ۾ لڳائين جن مان سيني ماڻهن کي فائدو آهي مگر وياج تي پئسا هرگز نه ڏين. مسلمانن کي ڄاڻڻ گهرجي ته وياج ڏيڻ قطعي حرام آهي. گهرج پوي ته زمين يا سامان وڪٽي پورائي ڪجي. جيڪڏهن پوءِ پورائي نه پوي ته پني ڪائڻ جائز آهي مگر وياج تي پئسا وٺڻ جائز نه آهي.

## (17) بي تعصبي ۽ رواداري

اسلام لفظ جي لغوي معنيٰ آهي صلح يا صلح ڪرائڻ. اسلام درحقيقت صلح جو پيغام آهي. حضرت رسول ﷺ ۽ اوائلي مسلمانن جيڪا رواداري ۽ صلح جي هلت غير مسلمانن سان ورتي تنهن لاءِ تاريخ شاهد آهي. جڏهن نجران جا عيسائي حضرت جن وٽ وفد ٿاهي ايا تڏهن حضرت جن کين مسجد ۾ رهايو ۽ مسجد ۾ ئي کين پنهنجي نموني عبادت ڪرڻ جي اجازت ڏني. عجب ته هي آهي ته عبادت ڪرڻ وقت حضرت عيسيٰ عليه السلام جو بت به انهن جي پيش رکيل هو. گويا بت پرستي کان به کين منع ڪانه ڪئي ويئي. جيڪا سند کين عطا ٿي سا موجود آهي. جيڪا آزادي انهن کي مِلي سا اڄ تائين ڪنهن به حاڪم قوم ڪنهن به محڪم قوم کي ڪا نه ڏني آهي. ان لاءِ اُها سند شاهد آهي. حضرت جن جڏهن مدينه منوره ۾ آيا تڏهن ڦرياڻين ڦرياڻين اهو ڪم ڪيائون جو بت پرستن ڪافرن ۽ يهودين سان عهدناما ڪيائون جن ۾ انهنکي هر قسم جي آزادي ڏني ويئي. نه رڳو مذهب جي پر تعليم وغيره جي به. عهدنامي جو هڪڙو شرط هي هو ته جيڪڏهن مٿن ڪو دشمن حملو ڪندو ته مسلمان سندس مدد ڪندا ۽ مسلمانن تي ڪو حملو ڪندو ته هو به سندس مدد ڪندا. اسلام ۾ پاڙيوارن غير مسلمانن تي به اهڙو ئي مهربان رهڻ جو حڪم آهي جهڙو پاڙيوارن مسلمانن تي. اسلام ۾ غير مسلمانن کي به صدقو، خيراتون وغيره ڏيڻ جائز آهي.

اقبال مرحوم فرمايو آهي ته:



سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

مذہب نہیں سکھاتا آپس میں بیر رکھنا
ہندی ہیں ہم وطن ہے ہندوستان ہمارا

مولانا حالي مرحوم پنهنجي مشهور مسدس ۾ فرمايو آهي ته حضرت جن

ڈرایا تعصب سے ان کو یہ کہہ کر
کہ زندہ رہا اور مرا جو اس پر
ہوا وہ ہماری جماعت سے باہر
سایا ہمارا نہ ہم اس کے یار

حضرت رسول ﷺ فرمايو آهي ته سڀني کان چڱو انسان اُهو آهي جو ٻين انسانن کي نفع پهچائي. هن حديث ۾ ائين ناهي ته سڀني کان چڱوانسان اهو مسلمان آهي جو ٻين مسلمانن کي نفعو پهچائي. ٻي حديث آهي ته مسلمان اُهو آهي جنهن جي هٿ ۽ زبان کان ٻيا انسان سلامت آهن. قرآن شريف ۾ هڪڙي مشهور آيت آهي ته اي انسانو! مون اوهان کي هڪ مرد ۽ هڪ عورت مان ناهيو. اوهان ۾ قبيلا ۽ ذاتيون رڳو سڃاڻپ لاءِ ناهيل آهن ور نه الله تعاليٰ وٽ ته وڏيڪ عزت انهي جي آهي جو وڏيڪ پرهيزگار آهي. هن آيت ۾ ڏسو ته سڀني انسانن کي خطاب آهي نه فقط مسلمانن کي.

افسوس، صد افسوس ته اسان هندو مسلمان پاڳل ٿي ويا آهيون. اسان ايترو به سمجهي نٿا سگهون ته اسان هڪ ئي پالڻهار جا پيدا ڪيل آهيون جورب العالمين آهي نه رب المسلمين يا رب الهنود آهي. هو سڀني لاءِ رحمان ۽ رحيم آهي نه رڳو هندن يا مسلمانن لاءِ فقط هيترو آهي ته هو وڏيڪ مهربان انهن تي آهي ۽ وڏيڪ رحيم انهن لاءِ آهي جيڪي سندس مرضي مطابق زندگي گهارين ٿا. اسان جو هڪ ٻئي جي پاڙي ۾ ڪلهو ڪلهي ۾ ڏيئي وينا آهيون، ۽ هڪ ئي زمين تي هڪ ئي خدا جون هڪ جهڙيون نعمتون هوا، باهه، پاڻي، اناج، ميوا وغيره ماڻيون ٿا سو ڪيئن هڪ ٻئي سان بي اتفاقي سان رهي سگهنداسين. اسان کي ايتري به سمجهه ناهي ته صلح ۾ ٻنهين ڌرين جو فائدو آهي، ۽ نفاق ۾ ٻنهين ڌرين جو نقصان آهي. يقين ڄاڻو ته اسان هڪ ٻئي تي مهربان رهنداسين ته هر طرح ترقي ڪنداسين ۽ هڪ ٻئي جا دشمن ٿينداسين ته ٻئي ڌريون تباهه ٿينداسين.

اي پالڻهار تون اسان تي رحم ڪر!

## (18) ديني تعليم

اڳين مضمونن خصوصا نمبر 3 ۾ ڏيکاريو ويو آهي ته اخلاقن سڌارڻ لاءِ ديني علم ۽ روحانيت ضروري آهن. اها ڳالهه هر ڪو ئي قبول به ڪري ٿو مگر جڏهن عملاً اسڪولن ۾ ديني تعليم رائج ڪرڻ جو سوال ٿو اُٿار جي تڏهن گهڻو ڪري مخالفت ٿا ڪن. يورپي خيالن جي غوغاءَ (واويلا يا هل) ٻين سڀني خيالن کي ٻوڙو


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڪري ڇڏيو آهي. مون اٽڪل ويهن سالن ڪان وٺي ديني تعليم رائج ڪرڻ لاءِ آواز اُٿاريو آهي مگر ”نقار خانه مين طوطي ڪا آواز ڪون سنتا هي.“ سڀ ڪنهن کي خبر هوندي ته روحانيت انسان جي فطرت ۾ رکيل آهي جا هرگز وڃڻي نه آهي سڀ ڪنهن کي خبر آهي ته هر ملڪ ۽ هر قوم ۾ اسڪول، مدرسا ۽ پاٺشالائون (پڙهڻ جون جايون) فقط ديني يا ڌرمي تعليم ڏيڻ لاءِ کوليون ويون بلڪ ڇئجي ته دنيوي تعليم به ڌرمي نموني سان ڏني ويندي هئي. ڇو ته دين ۽ دنيا کو الڳ ڪو نه آهن. دين ئي سيڪاري ٿو ته دنيا ۾ اسانکي ڪهڙيءَ طرح هلڻ گهرجي. ديني تعليم واري زماني ۾ اسان جا وڏا خدا کان ۽ قيامت جي عذاب کان ڊڄندا هئا ۽ گناهن ڪرڻ کان پاڻ کي روڪيندا هئا ۽ نيڪ اخلاق ڪرڻ جي ڪمال ڪوشش ڪندا هئا. هن وقت اڪثر ماڻهو خدا جو خوف لاهي آخرت جي عذاب کان بي ڊپا ٿي ڪوتاه نظر ۽ پاڳل بنجي گناهن ۾ ڪاهي پيا آهن. تاريخ کو چڱي طرح پڙهي ڏسي ته معلوم ٿيندو ته دنيا جي ڪنهن به قوم تڏهن ترقي ڪئي آهي، جڏهن دين جي اثر هيٺ نيڪ اخلاق ٿي آهي ۽ وري تڏهن ڪري آهي جڏهن دولت سان مالامال ٿي عيش عشرت ۽ گناهن ۾ غلطان ٿي سست ۽ بدڪار بني آهي. عجب ته هي آهي ته خود يورپ ۾ به سواءِ رشيا جي ٻين سيني ملڪن ۾ دنيوي تعليم سان گڏ ديني تعليم به ڏني وڃي ٿي. سنڌ ۾ ديني تعليم رائج ڪرڻ جا مخالف هڪڙو دليل هيءُ ٿا ڏين ته ديني تعليم جي ڪري اخلاقن جو سڌارو ڪو نه ٿيندو. مگر سڄي دنيا قولاً ۽ عملاً قبول ڪري رهي آهي ته پروپئگندا جو اثر بلڪل وڏو ۽ بي پايان آهي. سائنس به ثابت ڪيو آهي ۽ هر عمل ۽ هر لفظ کي اثر ضرور آهي پوءِ جيڪڏهن مسلمانن کي ڇئبو ته الله ۽ الله جو رسول هيءُ ٿا فرمائين يا هندن کي ڇئبو ته شري رامچندا ۽ ڪرشن مهراج هيءُ ٿا فرمائين ته اثر ڪو نه ٿيندو ڇا؟ ٻيو دليل هيءُ ڏيندا آهن ته اسڪولن ۾ مختلف قومن جا شاگرد آهن، تنهنڪري ديني تعليم ڏيڻ محال آهي. اُن جو جواب هي آهي ته هفتي ۾ فقط ٻه يا ٽي ڪلاڪ ڌرمي تعليم لاءِ مقرر ڪجن ۽ اُنهن ڪلاڪن ۾ جتي جتي ممڪن هجي، هندو ۽ مسلمان شاگرد ڌار ڌار ڪمرن ۾ ويهي پنهنجي مذهب جي ماسترن جي نظرداري هيٺ مقرر ٿيل ڪتاب پڙهن. جتي ممڪن نه هجن اُتي ڪٽي ديني تعليم رائج نه ڪجي. پر گهٽو ڪري سيني اسڪول ۾ رائج ڪري ٿي سگهجي. ٽيون دليل هيءُ ٿا ڏين ته مذهبي تعليم ڏيڻ ڪري مختلف قومن جي وچ ۾ تعصب ۽ نفاق وڌندو. اُن جو جواب هيءُ آهي ته مذهب جي بنيادي تعليم آهي ئي بي تعصبي، رواداري، همدردي ۽ خير خواهي. پوءِ جيڪڏهن اهڙي تعليم ڏبي ته ڇو نه تفاق ۽ دشمنيءَ جي بدران اُنلندو اتفاق ۽ محبت پيدا ٿيندي. هن وقت سچي ديني تعليم نه هئڻ ڪري مختلف قومن ۾ نفاق ۽ دشمني وڌندي وڃي ٿي جنهن ڪري هندن ۽ مسلمانن جي وچ ۾ هر وقت فساد پيدا پيا ٿين. اُنهن جي بند ڪرڻ ۽ اتفاق ۽ دوستي پيدا ڪرڻ جو


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

وسيلو فقط هيءُ آهي ته سچي مذهبي تعليم ڏني وڃي.
سيني هندن ۽ مسلمانن کي گهرجي ته هي سوال هٿ ۾ کڻن ۽ فيصلو ڪن ته مذهب سچا آهن يا ڪوڙا؟ جيڪڏهن ڪوڙا آهن ته ڪليو ڪلايو اعلان ڪن ۽ مذهبن کي ترڪ ڪرڻ جو پروپيگنڊا ڪن. پر جيڪڏهن قبول ڪن ته مذهب سچا ۽ چڱا آهن ۽ انهنجي تعليم فائدي واري آهي ته هڪدم اهڙا ڪتاب تيار ڪجن جي اسڪول جي شاگردن کي پڙهائجن. مخالف فقط هن ڪري مخالفت ٿا ڪن جو اهڙا ڪتاب هنن ڏنائي نه آهن، جن مان فيصلو ڪري سگهن ته برابر ديني تعليم فائدي واري ٿيندي. اسان کي گهرجي ته هن ڪم ۾ دير نه وجهون ۽ هڪدم اهو فيصلو ڪريون، نه ته اسان جو اولاد بي دين ۽ بداخلاق ٿي ويندو ۽ قومي ۽ ملڪي ترقي ڪا نه ٿيندي.

## (19) تعليم جو سڌارو

تعليم جو سڌارو تڏهن ٿيندو جڏهن معلم ۽ ماستر چڱا ملندا. اڳئين زماني ۾ فقط اُهي معلم استاد مدرسا ۽ پانشالائون کوليندا هئا جي وڏا ديندار ۽ ڏرمشت ماڻهو هوندا هئا. سڀ ماڻهو هنن کي گرو ۽ رهبر ڪري سمجهندا هئا. هنن کي بادشاهه ۽ راجائون به وڏي عزت ڏيندا هئا. هو ڪنهن دنيائي لالچ تي تعليم نه ڏيندا هئا، پر فقط پنهنجي دلي شوق ۽ چاهه سان پاڻ کي تڪليفن ۽ نقصانن ۾ وجهي اهو اعليٰ ڪم پنهنجي سر تي کڻندا هئا. هنن جو خاص مقصد اهو هوندو هو ته ماڻهو ڏرمشت ۽ نيڪ اخلاق ٿين. هن وقت يورپ ۾ به عام طور قبول ڪيو ٿو وڃي ته نيڪ اخلاقيءَ تي تعليم جو اعليٰ مقصد آهي. اڄ ڪلهه اڪثر معلم ۽ ماستر نه ديندار ۽ نيڪ اخلاق آهن نڪي انهي نيت سان اهو ڌنڌو اختيار ٿا ڪن ته قوم ۽ ملڪ جو سڌارو ۽ ترقي ڪريون. سرڪار کي گهربو هو ته فقط اوترا اسڪول کولي ها جيترن لاءِ نيڪ اخلاق ماستر ملي سگهن ها. هزار رواجي اسڪولن  کان هڪ نيڪ اخلاق ماسترن وارو اسڪول بهتر آهي. هاڻي ته رڳو اسڪولن  وڌائڻ جو خيال آهي مگر تعليم جي سڌارڻ يا اعليٰ اخلاق وارا ماستر ۽ رهبر پيدا ڪرڻ جو خيال ئي ڪونهي. ٻيو تعليم جو نقص هي آهي ته جيڪي شاگرد تعليم حاصل ڪن ٿا سي ڪم کي ڌڪارين ٿا ۽ ڪم ڪرڻ ڇڏي نازڪ بدن بيڪار ٿي پون ٿا. تعليم کي سڌارڻ ۽ نيڪ اخلاق ماسترن ۽ رهبرن پيدا ڪرڻ لاءِ منهنجي رٿ هي آهي ته هڪ اهڙو درس گاهه قائم ڪجي جنهن تي سڄي قوم ۽ سرڪار پنهنجو توجه چڱي طرح ڏيئي سگهي.
اهو اسڪول اٽڪل 500 ايڪڙ زرعي زمين جي وچ ۾ قائم ڪجي. انهيءَ ۾ معلم ۽ شاگرد فقط اهي رکجن جي لکيل انجام نامون ڏين ته اسين ڪڏهن به ڪوڙ نه ڳالهائينداسين ۽ ڪڏهن به فاحش لفظ زبان مان نه ڪيڏنداسين، سيني گناهن جي ڪمن کان پري رهنداسين، سادي زندگي اختيار ڪنداسين ۽ پنهنجي هٿن سان سڀ


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

ڪنهن قسم جو چڱو ڪم وڏي خوشيءَ ۽ چاهه سان ڪنداسين. معلم ۽ شاگرد بورڊنگ هائوس ۾ رهن معلم اعليٰ اخلاقن وارا هجن جي شاگردن جي عادتن ۽ اخلاقن تي پوري نظر رکن. معلم ۽ شاگرد گڏجي ڪيتيءَ جو ڪم ۽ ٻيا هنري ڪم ڪن، ڪيتي ۽ هنر سيکارڻ لاءِ به اعليٰ اخلاقن وارا گرئجوئيٽ مقرر ڪجن جي ڪيتي يا ٻي هنر چڱي طرح ڄاڻندڙ هجن.

اعليٰ نموني جي مذهبي تعليم به ضرور ڏيڻ گهرجي ۽ نندي هوندي کان شاگردن تي اثر وجهن ته آسودگي، شاهوڪاري ۽ ترقيءَ جو سچو مدار چڱين عادتن ۽ اعليٰ اخلاقن تي آهي.

انهيءَ اعليٰ درسگاهه ۾ خاص ڏيان تقرير ڪرڻ ۽ چڱي تحرير لکڻ تي ڏيڻ گهرجي. معلم وڏا مصنف يا مضمون نويس هئڻ گهرجن ۽ شاگردن کي شروعات کان ئي تقريرون ڪرڻ ۽ مضمون لکڻ جو استعمال ڏجي. جيڪڏهن هو تقريرن ڪرڻ ۽ مضمونن لکڻ ۾ قابل ٿيندا ته اڳتي هلي هو ڪارائتا ماستر، ڪارائتا انسپيڪٽر ۽ ڪارائتا ليڊر ثابت ٿيندا.

هن درسگاهه کي چڱي نموني هلائڻ لاءِ آمريڪا جي ٽسڪيگي واري درسگاه ۽ بنگال جي شانتي نڪتين درسگاه مان گهڻا عملي سبق وٺي سگهجن ٿا. انهن مان پهريون درسگاه واشنگٽن مشهور شيدي جو قائم ڪيل آهي ۽ پويون مشهور شاعر ۽ فيلسوف ڊاڪٽر ٽئگور جو.

منهنجي هن رٿ جا مخالف فقط هن ڪري مخالفت ڪن ٿا جو مخالفت ته انسانن جي فطرت ۾ موجود آهي ۽ مخالفت مان ڪين مزو ٿو اچي. نئون خيال هڪدم قبول ڪرڻ ڏاڍو مشڪل هوندو آهي. بهرحال اهڙي درسگاه قائم ڪرڻ ۾ نقصان ڪهڙو آهي؟ ڪو به چڱو ڪم هٿ ۾ ته ڪٽجي، پوءِ جيڪڏهن سورهن آنا فائدو حاصل نه ٿيندو ته ڪجهه ته ٿيندو. ٿورو فائدو به هئڻ، نه هئڻ کان چڱو آهي. دستور آهي ته ڪو به ڪم هڪدم وڏا فائدا پيدا ڪو نه ڪندو آهي. پر جي ڪڏهن خيال سان ان کي هلائبو ۽ غلطيون ڪيڏي سڌارا ڪندا اچبا ته نيٺ عاليشان نتيجو ڏيکاريندو. ٻيو اعتراض هي آهي ته پئسا ڪٿان آڻجن. اهو اعتراض بلڪل اجايو آهي. لکين رپيا تعليم تي خرچ ڪيا وڃن ٿا. اجا به وڏيون رقمون تعليم وڌائڻ لاءِ منظور ڪرڻ ۾ ايندين. پوءِ ڇو نه اسڪول وڌائڻ وارين رقمن مان ڪجهه رقم پاسيري ڪري هن ڪم لاءِ منظور ڪجي. ازانسواءِ ڇو نه اهڙي درسگاه لاءِ ڪا خاص ٽئڪس مقرر ڪجي.

## (20) **پڄاڻي – سيني مضمونن جو نچوڙ**

مون تي اهو ڪم رکيل آهي ته اخلاقي ۽ پنگتي سوالن تي مضمون لکندو رهان. هيستائين پنگتي سوالن تي هڪ مضمون به ڪو نه لکيو اٿم تنهنڪري في





Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

الحال اخلاقي مضمونن کي چڏي پنگتي سڌاري يا اصلاح الرسوم بابت مضمون لکڻ شروع ڪندس. هيستائين جيڪي مضمون لکيا اٿم تن جو نچوڙ هيءُ آهي:

سڌاري ۽ ترقيءَ جو بنياد آهي علم. اسانجو فرض آهي ته تعليم ايتري هجي جو هر هڪ مرد ۽ هر هڪ عورت پڙهي پوي ۽ سڀ ڪو سنڌي اخبارون ۽ ڪتاب پڙهي. هيءُ فرض رڳو سرڪار جو نه آهي ته وڏيون ٽئڪسون وجهي ۽ وڏا خرچ ڪري تعليم کي وڌائي، پر ماڻهن کي پاڻ سجاڳ ٿيڻ گهرجي ۽ پاڻ ڪوشش ڪري پڙهي پون. سيني بالغ مردن ۽ عورتن کي فرصت جي وقت ڪجھ نه ڪجھ سکڻ گهرجي. هر هڪ ڳوٺ ۽ محلي ۾ لئبرريون هئڻ گهرجن. علم ئي سيکاري ٿو ته ڪيئن اِنسان پنهنجي تندرستي ۽ اخلاق ۽ مالي حالت سڌاري سگهي ٿو ۽ ترقيءَ جو مدار تندرستي ۽ نيڪ اخلاقن تي آهي. اخلاقن بابت پهريائين هيءَ ڳالھ ضروري آهي ته ڪوڙ، گارين ۽ فاحش لفظن ڪڍڻ کان قطعي پرهيز ڪريون. هيءَ ڳالھ به ياد رکڻ گهرجي ته سيني کان اعليٰ خلق آهي پيار، محبت، همدردي، خيرخواهي ۽ احسان. سيني کان وڏو گناھ آهي دشمني ۽ ظلم. درحقيقت ٻين سان خير خواهي ۽ ڀلائي ڪرڻ ۾ پنهنجي ئي چڱائي آهي. ٻين سان دشمني ۽ ظلم ڪرڻ درحقيقيت پاڻ سان دشمني ۽ ظلم ڪرڻ آهي. ٻين سان خير خواهي ڪندڙ ئي الله تعاليٰ سان محبت رکندڙ آهي ۽ الله تعاليٰ کي پيارو آهي. ٻين سان دشمني ۽ ظلم ڪندڙ ئي الله تعاليٰ جو دشمن آهي ۽ الله تعاليٰ سندس دشمن آهي.

جيڪڏهن اسان سڀ تندرست ۽ نيڪ اخلاق هجون ته سنڌ جو ملڪ ٿن سالن اندر شاهوڪار ٿي وڃي ۽ هر هڪ سنڌي تمام آسودو ۽ خوشحال گذاري. نيڪ اخلاقن لاءِ تربيت دينداري ۽ روحانيت جي به ضرورت آهي.

سرڪار نامدار کي گهرجھي ته پنڻ، وياج خوري ۽ نشيدار شين جي واهپي بند ڪرڻ لاءِ خاص قانون ناهي عمل ۾ آڻين ۽ فاحش ڪمن جا اَڏا ڪڍي ڇڏين ۽ رشوت، رسائي، جوابازي وغيره کي بند ڪرڻ لاءِ خاص اُپاءُ وٺن.

هرهڪ ڳوٺ ۽ محلي ۾ انجمن يا جماعت ناهجي جا تعليم، لئبرري ۽ صفائي وغيره لاءِ بندوبست رکي ۽ اخلاقن سڌارڻ جي ڪوشش ڪري ۽ هر هڪ ڳوٺ ۾ لئبرري قائم ڪري. لئبرري قائم ڪرڻ لاءِ هڪڙي تجويز هيءَ آهي ته جنهن کي به ڪو ڪتاب هجي سو پڙهي پوءِ لئبرري کي ڏيئي ڇڏي. ٻي تجويز هيءَ به آهي ته هر ڪو گهر هرروز هڪ لپ اَن جي لئبرري لاءِ ڌار ڪري رکي ۽ هر مهيني بعد اُهي لپون وڪڻي پئسا لئبرري جي سيڪريٽري کي ڏيئي رسيد وٺي ڇڏي.

رسمن بابت جيڪي مضمون لکندس سي اڳيئي منهنجي ڪتاب رسومات تباهي ۾ ڏنل آهن. اهو ڪتاب تمام گهڻو مقبول پيل آهي. اهو اگرچ مسلمانن لاءِ آهي ته به هندو به اُن مان پنهنجي لاءِ فائدو وٺي سگهن ٿا. اهو ڪتاب ميسرز پوڪرداس ائنڊسنز وٽان ڪراچي ۽ حيدرآباد (هاڻي سنڌيڪا اڪيڊمي جي بوڪ


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

اسٽال) مان ملي سگهندو. اهو ڪتاب هر مسلمان کي پڙهڻ گهرجي. منهنجو تازو چيپيل ڪتاب ترقي سنڌ مسلم جيڪو اٽڪل ويهه ورهيه اڳي لکيو هوم ۽ تازو مسلم ادبي سوسائٽي حيدر آباد سنڌ ڇاپيو آهي سو به ڏاڍو پسند پيو آهي ۽ هر هڪ مسلمان کي پڙهڻ گهرجي. انهن ڪتابن جي وڪري ۾ منهنجو ڪو ذاتي فائدو ڪو نه آهي. انهن جي قيمت آهي فقط چار آنه.

جي مسلمان اڙدو ڄاڻندڙ آهن تن کي گهرجي ته مولانا حالي جو مسدس ۽ قاضي سليمان جو رحمته العالمين ضرور پڙهن. اهي ڪتاب مسلمانن ۾ نئون روح ڦوڪيندا ۽ ترقيءَ جو باعث ٿيندا. مگر مسلمانن لاءِ سڀني کان ضروري ڳالهه آهي قرآن شريف معنيٰ سان پڙهڻ. جي ڪڏهن مسلمان قرآن شريف معنيٰ سان پڙهن ته سڌارو ۽ ترقي هڪدم شروع ٿي ويجي.

## (21) صحت يا تندرستي

(سيني ماسترن، معلمن ۽ شاگردن کي استدعا ٿي ڪجي ته هي مضمون عام ماڻهن کي ضرور پڙهي ٻڌائين.)

پيارو! جيڪڏهن اوهين چاهيو ٿا ته آسودا ۽ خوش حال ٿيون ته علم ۽ هنر سکو، صحت جا قانون پڙهي، اُنهن تي عمل ڪري تندرست ۽ طاقتور ٿيو، چڱا لڇڻ ۽ چڱيون عادتون رکو ۽ ذات اِنسان سان همدردي ۽ خير خواهي ڪريو ۽ سستي ڇڏي محنت ڪري پيسا ڪمايو ۽ ڪفايت ڪري پيسا بچائي شاهوڪار ٿيو.

صحت جي مضمون تي مان هن ڪري قلم ٿو کڻان، جو صحت کانسواءِ نڪي علم پڙهي ٿو سگهجي، نڪي دولت حاصل ڪري ٿي سگهجي، نڪي ڪا خوشي حاصل ڪري ٿي سگهجي.

صحت جي مدار آهي صفائي، صاف هوا، صاف پاڻي صاف کاڌي ۽ ورزش تي. صفائي ايمان جو جزو آهي. هرروز وهنجڻ، ڏينهن ۾ به ٽي ڀيرا ڏندڻ هڻڻ ۽ ڪپڙا صاف رکڻ تندرستيءَ لاءِ تمام ضروري آهن.

هوا اسان چوويهه ئي ڪلاڪ کائون ٿا، جيڪڏهن هوا صاف آهي ته اُن جهڙي ٻي معجون آهي ئي ڪانه. اسان هوا کي مختلف نمونن سان اهڙو خراب ٿا ڪيون جو اسان اُن حالت ۾ ڪڏهن به تندرست رهي نه سگهنداسين.

عام ماڻهو هر جڳهه پيشاب ٿورو ڪن ٿا، گندگيون ۽ ڍونڊ ڦٽي ڪن ٿا، جنهنڪري هوا خراب ٿئي ٿي، جا اسان ڪائي پنهنجي بدن ۾ زهر ۽ بيمارين جا جيوڙا وجهون ٿا. تنهنڪري گهرجي ته هرهنڌ سئنيٽري بورڊ مقرر ڪري هر طرح صفائي رکون. جيڪڏهن اهڙو بندوبست نه هجي ته پيشاب ٿوري تي مٽي وجهي ڇڏجي ۽ پاڻ پورڻ گهرجي. جيترو ٿي سگهي اوترو کلي هوا ۾ گذارڻ گهرجي. جاين کي چوڌاري


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

گهٽيون ۽ وڏيون دريون هئڻ گهرجن. جيترو ٿي سگهي اوترو کليل هوا ۾ گذارجي.
سمهڻ مهل منهن ڍڪڻ نہ گهرجي. ساهہ نڪ کان کڻڻ گهرجي، نہ وات کان.

پاڻي نلن جو نہ ملي تہ ڪاڙهي ڇاڻي رکجي ۽ اهو ئي پيڻ جي ڪم آڻجي. کاڌو گهٽي ۾ گهٽو ٽي وقت کائجي. ماڻهن جي عادت آهي تہ انهن ٽن وقتن کانسواءِ بہ جڏهن ڪا کائڻ جي شيءِ ملين ٿي. مثلا پڪڙا، پڪوڙا، ميوو وغيره تڏهن اُها بہ کائي ٿا ڇڏين، گويا ڏينهن ۾ پنج ڇهہ ڀيرا کائين ٿا ۽ معده کي آرام ڪرڻ ڪو نہ ٿا ڏين. سيني کان چڱيون غذائون آهن ڪٽڪ، چانور، کير، مکڻ،ڏڌ ۽ ميوا. گيهہ، کنڊ، مٺايون ۽ تريل شيون تمام گهٽو گهٽائي ڇڏڻ گهرجن. يوروپي ماڻهو گيهہ کائين ئي ڪونہ. نشيدار شيون تماڪ، پان، سوپاري نہ رڳو صحت لاءِ نقصانڪار آهن پر پيسا بہ اجايو ضايع ٿا ٿين. کلي هوا ۾ گهمڻ ڦرڻ ۽ رانديون رونديون ڪرڻ صحت لاءِ تمام ضروري آهن.

کاوڙ ۽ غصي کان پري رهڻ، رنج وملال کي پاڻ کان دور رکڻ، هميشہ کلمک رهڻ بہ صحت لاءِ تمام ضروري آهن. عام چوڻي آهي تہ خوشيءَ جهڙي خوراڪ ڪانهي ۽ ڳڻتي جهڙو ڳاراڻو ڪونهي.

## (22) سنڌ جا ماڻهو اڪثر ڪنگال ۽ تباهہ حال ڇو آهن

سنڌ جو ملڪ ويران ناهي پر ماڻهو ويران آهن، يعني سنڌ جا گهڻا ماڻهو اُنهن ڳڻن کان خالي آهن، جن سان دولتمند ۽ خوشحال ٿي سگهجي ٿو. سنڌ ۾ ماڻهن جو قحط آهي. اُن جي هڪڙي ثابتي هي آهي تہ سنڌ جي آسپاس جيڪي ئي ملڪ آهن تن جا ماڻهو سنڌ ۾ دولت ڪمائڻ اچن ٿا ۽ گهڻي دولت ڪمائي پنهنجن ملڪن ڏي وڃن ٿا يا سنڌ ۾ ئي رهي خوشحال گذارين ٿا. ڏسو ڪڇي، گجراتي، مارواڙي، يوپي جا ڀيا، پنجابي، پٺاڻ، بلوچ، بروهي، ايراني ۽ عرب سنڌ ۾ ڪيتري تعداد ۾ اچي ناڻو ڪمائي ٿا وڃن.انهن مان ڪيترا تہ سنڌ ملڪ ۾ رهجي پيا آهن. مهراڻو ڪئنال تي پنجابين جا ڳوٺ ڏسو ۽ انهن سان سنڌي هارين ۽ زميندارن جي ڀيٽ ڪريو تہ خبر پئجي وڃي تہ سنڌ جا گهڻا ماڻهو ڪيتري قدر بيڪار آهن. وري ٻي ثابتي وٺو. ڪونڪر ۾ وڏيري الهہ بچائي جو ڪيہ جو زيتونن جو باغ وڃي ڏسو. هو چئن ايڪڙن مان ايترو ٿو ڪمائي جيترو ٻيا پنجاهہ ايڪڙن مان بہ نٿا ڪمائي سگهن. سبب هي آهي تہ هو عياش ناهي، پر محنتي آهي. هو پنهنجي سر سيڪنهن ڪم تي نظرداري ڪري ٿو ۽ پاڻ خريد فروخت ڪري ٿو.

سنڌ جا ماڻهو پنهنجي جهل ۽ بدافعالن جي ڪري جيڪا دولت ضايع ڪن ٿا يا جيڪا دولت ڪمائڻ ۾ قاصر رهن ٿا تنهنجو تفصيل اٽڪل روءِ هيٺ ڏجي ٿو:

1) شراب، ڀنگ، چرس، آفيم، تماڪ، پان وغيره
10000000 رپيا


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

2) شڪار ڪرڻ، ڪڪڙ، ڪتا ويڙهائڻ وغيره
1000000 رپيا

3) چوندن تي ۽ عهدن حاصل ڪرڻ وغيره تي
4000000 رپيا

4) نفيس ڪپڙن، زيورن ۽ عيش عشرت تي
100000 رپيا

5) جهيڙا، فساد، چوريون، خون، ڌاڙا، ڪيس ڪرڻ وغيره تي
1000000 رپيا

6) سستي، پنڻ، نڱڻ، جهاڙ، منترتنتر، ڪيمياگري ۽ ٻيا نڱيءَ جا رستا، دور دور قبرن وغيره تي وڃڻ
10000000 رپيا

7) جهل ۽ بداخلاقيون
1000000 رپيا

8) اُهي فرقا جي ٻين جي ڪمائي تي گذران ڪن ٿا ۽ انجي عيوض ٻين کي ڪو فائدو ڪو نہ ٿا ڏين
يعني 10000000 رپيا

9) چمڻ، طوهر، جڻئي، شادي، غمي جي موقعن جا خرچ
5000000 رپيا

10) وياج
1000000 رپيا

جملہ: 44000000 رپيا

هن مان ڏسبو تہ ٺلهي ليکي سنڌ کي سنڌ جي ماڻهن جي غفلت ۽ جهل جي ڪري هر سال قريبا ساڍا چار ڪروڙ رپيا نقصان ٿو پوي. جيڪڏهن سڀ ماڻهو سستي ۽ بداخلاق ڦٽا ڪري دل وجان سان دولت ڪمائڻ کي لڳي وڃن ۽ اجايا خرچ نہ ڪن تہ سنڌ جو ملڪ ٿئي سال ۾ دولتمند ٿي پوي.

## (23) سنڌ جي ماڻهن جي مالي حالت

اڳئين مضمونن ۾ ڄاڻايل آهي تہ سنڌ جا ماڻهو هر سال اٽڪل ساڍا چار ڪروڙ رپيا ضايع ڪن ٿا. اهو انگ گهٽ ۾ گهٽ ڏنل آهي. جيڪڏهن اُنهن ڳالهين تي وڌيڪ غور ڪبو تہ ڏسبو تہ سنڌ کي هر سال اٽڪل ڏهہ ڪروڙ رپيا نقصان ٿو پوي.

انگريزن کان اڳي سنڌ جي پيدائش بلڪل گهٽ هئي تہ وري ماڻهن جي سادگي بہ حيرت انگيز هئي. وڏا وڏا زميندار، جاگيردار ۽ نواب سادين لانڍين ۾ رهندا هئا،


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

جن جي ٺهرائڻ تي خرچ ڪو نہ لڳندو هو. ڪرسيون ميزون ڪو نہ هيون. فرنيچر فقط ڪٽون يا ڪٽولا هوندا هئا ڪي ڪي زميندار گلم رکندا هئا، جي سندن ئي زالن جا ٺهيل هوندا هئا. ڪائڻ پيڻ تي بہ خرچ ڪو نہ هوندو هو. اَن، ڪير، ڏڌ هر ڪنهن ڪي پنهنجو هوندو هو. جيڪي گوشت مڇي ڪائيندا هئاتن ڪي بہ گهڻو ڪري پنهنجو ئي هوندو هو. ور نہ مهاڻن کان مڇي اَن تي بلڪل سستي ملندي هئي. لٽا ڪپڙا ٺلها، سادا ڪورين کان ورتا ويندا هئا جن جي عيوض ڇهين ڇهين يا ٻارهين ٻارهين مهيني کين اَن ڏيڻ ۾ ايندو هو. ساڳيءَ طرح ڪنير، لوهار، حجم ۽ موچيءَ ڪي بہ ڇهين ڇهين يا ٻارهين مهيني لاپو ڏيڻ ۾ ايندو هو. جيڪڏهن ڪنهن هاري يا زميندار جو اَن ڪٽي ويندو هو تہ ڪنهن ٻئي کان مفت يا اڌارو ملي سگهندو هو. زالون بہ نهايت سادا ڪپڙا پهريندڻيون هيون ۽ گهر جو سڀ ڪم ڪار ان پيهڻ، ساريون ڇڙڻ، ڪپڙا سبڻ، ڪپڙا ڌوئڻ، رڌڻ پچائڻ، چرخي تي ڪپهہ ڪتڻ جو ڪم پاڻ ڪنديون هيون. بلڪ عام ماڻهن جون زالون تہ ٻاهريون ڪم مثلا ڪانيون ميڙي اچڻ، رونبو ڪرڻ، لابارو ڪرڻ، گاه ڪرڻ وغيره بہ ڪنديون هيون. انهيءَ ڪري مردن خواه عورتن جي تندرستي ۽ طاقت بہ بهتر هوندي هئي ۽ خوشي بہ گهڻي هوندي هئي. اخلاق بهتر هئا. هي هٽراڌو ٺهيل خيالي مبالغو ناهي، منهجي ڳوٺ ۽ آسپاس جي ڳوٺن ۾ مون پاڻ جيڪي ڪراڙا يا اڌوهي يا چاليهن ورهين جي ڄمار وارا ماڻهو ڏٺا تن جا اولاد طاقت ۽ تندرستي ۾ انهن جي اڌجهڙا بہ نہ ٿيا.

اڄوڪي زماني ۾ اسراف ۽ اجايو خرچ ڪرڻ حد کان ٻاهر گذري چڪو آهي. نفيس ڪپڙا بلڪ ريشمي ڪپڙا ڪم آندا وڃن ٿا جي سڌي طرح خواه اَڻ سڌي طرح بداخلاقي جو ڪارڻ بڻجن ٿا. ازانسواءِ اهي ڪپڙا خرچ بہ گهڻو ٿا ڪائين ۽ جٽاءُ بہ ٿورو ٿا ڪن، جنهنڪري مالي حالت بہ خراب ٿئي ٿي. جنڊ جي اٽي ۽ اُڪري مهري جي چانورن بدران انجڻ جو اٽو ۽ انجڻ جا چانور ڪم آندو وڃن ٿا جنهنڪري اجايو خرچ بہ ڪيو ٿو وڃي ۽ تندرستي بہ خراب ٿئي ٿي. ازانسواءِ ڪپڙا درزين کان سبائجن ٿا ۽ ڌوٻين کان ڌوارجن ٿا جنهنڪري پڻ خرچ وڌي ٿو.

ليڊرن ۽ ايڊيٽرن جو فرض آهي تہ سادگي بنسبت پروپئگنڊا ڪري ملڪ ۽ وطن کي مالي تباهي کان بچائين. مالي حالت بهتر ٿيندي تہ علم ۽ تعليم بہ وڌائي سگهبا ۽ اخلاق بہ سڌاري سگهبا. ميوات جي باغن پوکڻ بنسبت بہ پروپئگنڊا ڪرڻ ضروري آهي. ميوات ڪائڻ جي ڪري تندرستي بہ تمام گهڻو بهتر ٿيندي.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# قرآن شريف ۽ ڪانسٽيٽيوشن

اگرچہ درد جي دانهن ڪرڻ ڪان دل کي روڪڻ ڏاڍو محال آهي تہ بہ مان دل کي روڪي فقط اسلام ۽ جوڙجڪي دستور بنسبت ڪجھ خيال عرض ٿو رکان. عوام جي تباهي، سرڪاري نظام جي درهمي برهمي، ڪامورن جي رشوتخوري، بي ايماني ۽ عوام جي ڪمايل دولت جي انڌاڌنڌ ڦرلٽ، پوليس ۽ زميندارن جا ظلم کهڙيءَ حد تي اچي پهتا آهن تن بابت ڪجھ لکڻ ڪان حذر ڪري فقط ايترو چوڻ چاهيان ٿو تہ پاڪستان جي بربادي‌ءَ جو ڪارڻ اسان جي اسلام دشمني ۽ منافقي آهي. هڪ رسالي جي ڪنهن مضمون ۾ پڙهيم تہ اسان جا وڏا وڏا سرڪردا اسلام تي وڏا وڏا ليڪچر ڏيئي جڏهن پاڻ ۾ گڏجن تا تڏهن ٽهڪ ڏيئي چون تا تہ اسان ڪيئن نہ عوام کي بيوقوف بنائي رهيا آهيون! حقيقتاً هو عوام کي بيوقوف ڪو نہ بنائي رهيا آهن پر پاڻ کي بيوقوف بنائي رهيا آهن. حقيقت هيءَ آهي تہ هو حڪومت، طاقت ۽ دولت جي نشي ۾ انڌا ۽ اوندا ٿي پيا آهن ۽ ڪجھ بہ نٿا ڏسن.

هو عوام کي چون ٿا تہ اسلامي زندگي اختيار ڪيو ۽ اسلامي اخلاق رکو تہ اوهانجا ٻيڙا ئي پار آهن. عوام جي حالت سڌارڻ لاءِ اسان جي ننڊ بہ ڦٽل آهي. ڪانئن کو پڇي تہ سهي توهان پاڻ اسلامي زندگي اختيار ڪئي آهي؟ جيڪڏهن نہ تہ پوءِ عوام وري ڪيئن اسلامي زندگي اختيار ڪري سگهندا؟ ٻڌو ڪين اٿو تہ جهڙو راجا تهڙي پرجا. الناس علىٰ دين ملوکهم. ماڻهو هميشہ پنهنجي حاڪمن واري روش اختيار ڪندا آهن. ڪانئن هيءُ بہ پڇڻ گهرجي تہ گذريل پنجن سالن ۾ عوام جي حالت بد ڪان بدتر ڇو ٿي آهي؟ بلڪ تباهيءَ جي حالت کي ڇو اچي پهتي آهي؟ جيڪڏهن توهان کي عوام لاءِ ايتري همدردي آهي تہ هنن لاءِ ڇا ڪيو اٿو؟ جڏهن تہ هو اڌ بکيا ۽ اڌ اگهاڙا آهن، تڏهن توهان پنهنجي محلاتن ۾ ڪيتري قدر اسراف ۽ تبذير ڪري رهيا آهيو حالانڪ تبذير ڪندڙ شيطانن جا ڀائر آهن؟ عملدار ۽ ڪامورا ڇو ٿا وڌايا وڃن؟ ۽ وڏيون پگهارون ڇو ٿيون ڏنيون وڃن؟


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

## ڊان اخبار ۾ قرآن ۽ دستور بابت مباحثو

تازو ڊان اخبار ۾ اسلامي دستور بابت گهڻو ئي بحث مباحثو هليو. پر اهي مضامين غور سان پڙهي ڏسندؤ ته آسانيءَ سان معلوم ڪري سگهندؤ ته مقصد فقط اهو هو ته دستور اهڙو ئي بنايو وڃي جهڙو اڳيئي مروج آهي. انهيءَ لاءِ ته اسان اهڙيون ئي موجون ماڻيندا رهون جهڙيون هاڻي ماڻي رهيا آهيون. مان نٿو ڀانيان ته ڪنهن به سڳوري صاحب ڪي عملي تعميري رٿون پيش ڪيون. هيءَ ڳالهه لکل ڪانهي ته اڪثر انگريزي دان ۽ اڪثر زور ۽ زر وارا ماڻهو اسلام کان سو ڪوهه پري نڪري ويا آهن، پر جنهن صورت ۾ هو اسلام جي نالي تي چوٽين تي چڙهن هنن ڪي مجبوراً پنهنجو اهو عقيدو لڪائڻو ٿو پوي ته قرآن مجيد ڇهين صدي عيسوي لاءِ ۽ فقط عربن لاءِ ڪارگر هو، مگر هن زماني لاءِ بلڪل بيڪار آهي. نعوذ بالله منها.

مسٽر بروهي پنهنجي 14 سيپٽمبر واري مضمون ۾ صاف طرح لکيو ته دستور ۾ فقط هي هوندو آهي ته قانون ساز اسيمبلين ڪي ڪهڙي اختياريون هجن، عملدارن ڪي ڪهڙيون هجن ۽ انصافي ڪورٽن ڪي ڪهڙا وغيره. اهڙو دستور ائين آهي جئن گوشت پوست خون ۽ اعصابن کان سواءِ رڳو خالي هڏن جو پڃرو. اهڙو دستور شايد ڪنهن به ملڪ ۾ ڪو نه هوندو. دستور ۾ اصول، مقاصد ۽ فرائض بيان ڪرڻ نهايت ضروري آهي. قرآن مجيد ۾ ائين برابر ڪونه آيل آهي ته ڪنهن ڪي ڪنهن ڪي اختيار هجن ۽ ڪهڙا ڪهڙا، مگر اصول ۽ مقاصد ۽ فرائض اهڙيءَ طرح بيان ڪيل آهن جو انهن تي عمل ڪرڻ سان سڀ ڳالهيون سڌيون ٿي ٿيون وڃن.

## اسلامي سياست جو بنياد

اسلامي سياست جو بنياد آهي لا الٰہ الا الله يعني اسان ڪي عبادت يا ٻانهپ يا محڪومي فقط الله جي ڪرڻي آهي نه ٻئي جي. يعني هر معاملي ۾ قرآن شريف جي حڪمن جي تعميل ڪرڻي آهي. اياڪ نعبد ۽ ان الحڪم الا الله مان به اهائي معنیٰ ٿي نڪري. ڪو به ماڻهو ڪنهن به ٻئي ماڻهوءَ تي پنهنجو حڪم هلائي نٿو سگهي، ۽ ڪو به ماڻهو ٻئي ڪنهن به ماڻهوءَ جو غلام يا محڪوم ناهي. پر هي سوال ضرور اٿي ٿو ته قرآن مجيد مان سيڪنهن ڳالهه ۽ سڀ ڪنهن معاملي لاءِ حڪم ۽ هدايتون ملي سگهن ٿيون ڇا؟ جواب هي آهي ته قرآن مجيد مان بنيادي اصول ۽ بنيادي حڪم ملن ٿا. انهن اصولن ۽ حڪمن تي جيڪا عمارت کڙي ڪجي تنهن بابت فرمايل آهي ته امرهم شوریٰ بينهم يعني مسلمانن جا سڀ جماعتي يا هڪ ٻئي سان تعلق رکندڙ ڪم ڪاريون ۽ معاملا صلاح مصلحت ۽ مشوري سان طئي ڪجن. انهيءَ هڪ لفظ شوریٰ ۾ نه رڳو اليڪشن يعني چونڊون اچي ٿيون وڃن پر هي ڳالهه به اچي ٿي وڃي ته هر هڪ عملدار ڪي تعلق رکندڙ ماڻهن سان مشورو ڪرڻ گهرجي ۽ انهن جي تعاون


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

سان ڪم ڪاريون ڪرڻ گهرجن. مٿيان قرآني الفاظ ايتري قدر وسيع آهن جو انهن مان هي مطلب به ٿو نڪري ته عوام پاڻ به صلاح مصلحت ۽ مشورا ڪري پنهنجا ڪم ڪاريون ڪن ۽ هڪ ٻئي سان هر ڪم ۾ تعاون ڪن. يعني اهڙي تنظيم ڪجي جنهن ۾ سڀ مرد ۽ عورتون هڪ ڏاڪي ۾ پوئجي وڃن. قرآن مجيد ۾ فرمايل آهي ته مومن سڀ ڀائر آهن. جيڪڏهن هو ڀائر ٿي نٿا هلن ته هو مومن ئي ناهن. هڪڙي هنڌ فرمايل آهي ته "خدا جي رسيءَ کي مضبوط جهليو ۽ جدا جدا نه ٿيو. (اي عرب مسلمانو) خدا جي نعمت ياد ڪيو جو (ٿورو ئي وقت اڳي) توهان هڪ ٻئي جا دشمن هئو پر هاڻي الله تعاليٰ اوهان جو دليون ملائي ڇڏيون آهن ۽ سندس مهرباني سان توهان ڀائر ڀائر ٿي پيا آهيو. توهان باهه جي کڏ جي ڪناري تي وينا هئو ( ان ۾ ڪرڻ ئي هئو) پر الله اوهان کي ان کان بچائي ورتو. اسلامي سرڪار کي اهڙي تنظيم ڪرڻي آهي جو سڀ مسلمان هڪ برادري ٿي وڃن. ڪو به ڪنهن تي ڏاڍائي نه ڪري، ڪو به ڪنهن جي غلامي نه ڪري. هر ڪنهن کي پنهنجي پنهنجي ڪم آهر حق پلئه پوي. هر ڪوئي قانون جي پائبندي ڪري ۽ بس.

### اولي الامر ڪير ٿي سگهن ٿا؟

ٽيون بنيادي اصول اسلامي جوڙجڪ جو هي آهي ته اولي الامر، يعني امير يا حاڪم اهي هجن جيڪي قرآن مجيد تي پورو پورو عمل ڪن ۽ ٻين کي به ان تي عمل ڪرائين ۽ عوام جا سورهن آنا سچا ۽ ايماندار خادم ٿي رهن. هر هڪ رسول پنهنجي پوئلڳن جو امير يا حاڪم هو. هر هڪ رسول پنهنجي سچائي ۽ لائقي جي ثابتي لاءِ به دليل پيش ڪيا:

1) ته مان توهان کان هن ڪم لاءِ ڪو به اجورو يا عيوض ڪونه ٿو گهران.

2) مان توهان جي وچ ۾ سڄي زندگي گذاري آهي ۽ توهان کي معلوم آهي ته مان کهڙي قسم جو ماڻهو آهيان.

اهي ٻئي دليل مخالفن ۽ ڪافرن لاءِ به زوردار ۽ لاجواب هئا. پر اسلام جي مساوات ۽ سادگي ۽ عدل واري تعليم حاڪمن ۽ سرمايه دارن کي ڪيئن پسند ايندي. زور ۽ زرکي ڪير ٿو خوشي سان ڦٽي ڪري سگهي. رسولن کي مڃڻ وارا پهريائين گهڻو ڪري مسڪين هوندا هئا. نه حاڪم ۽ سرمايه دار. ساڳيو ئي سبب آهي جو هاڻوڪن حاڪمن زميندارن ۽ سرمايدارن کي به قرآني تعليم ڪا نه ٿي وڻي ۽ هو ڪڏهن به نه چاهيندا ته قرآن تي عمل ٿئي ۽ اسان عوام سان هڪ ٿي وڃون ۽ ڀائر ٿي وندي ورهائي ڪائون. حاڪم ۽ ڪامورا ڪهڙي قسم جا ماڻهو هئڻ گهرجن تنهن لاءِ پهريائين اسلامي حاڪمن جو مثال پيش ٿو ڪريان.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

حضرت رسول ﷺ جن مديني جا بادشاهه ٿيا مگر نه هئي محلات نه آفيس، نه منشي نه پٽيوالا ۽ نه فرنيچر نه پگهار. مسجد ۾ مٽيءَ تي ويهي ڪم ڪار هلائيندا هئا. ٻين ماڻهن جي وچ ۾ اهڙيءَ طرح رلي ملي وهندا هئا جو اڻ واقف ماڻهوءَ کي پڇڻو پوندو هو ته اوهان ۾ فلاڻو ڪهڙو آهي ۽ ٻيا ماڻهو ڏيکاريندا هئا ته اهو ويٺو آهي. سندن ڪائڻ پيئڻ، لٽو ڪپڙو عوام جي کائڻ پيئڻ ۽ لٽي ڪپڙي کان به گهٽ هو. ڪڏهن ته بک کان پيٽ تي پٿر ٻڌل هوندا هئا ته به ڪم ڪاريون ڪندا وتندا هئا. بازار مان سودو وغيره وٺي پاڻ پٺي تي کڻي ايندا هئا، ٻڪري ڏهندا هئا، ڪانيون ميڙي آڻيندا هئا، ٻهاري پائيندا هئا، ڪوڏر هڻندا هئا وغيره وغيره. قرآن مجيد ۾ سندن گهرو سادگي جو احوال آيل آهي. حرمن مبارڪن جڏهن ڏٺو ته مديني جي ٻين ماڻهن ۾ هاڻي خوشحالي آهي تڏهن حضور جن کي استدعا ڪيائون ته اسان کي به ايترو ته ملي جو تنگي ۽ تڪليف کان ته بچون. وحي آيو ته اي پيغمبر تون کين چئو ته جيڪڏهن توهان کي خوشحالي پسند آهي ته مان توهان کي سڀ ڪجهه ڏيڻ لاءِ تيار آهيان پر پوءِ مون کان جدا رهندؤ. هر هڪ حرم چيو ته اسان کي تنگي پسند آهي پر توهان کان جدا رهڻ پسند ناهي. حضور جن هڪڙي ٻيري فرمايو ته رسول نڪي ملڪيت رکندا آهن نڪي پنهنجي وارثن لاءِ ڪجهه ڇڏيندا آهن. حضرت عمر رضي الله عنه چئن ملڪن جو بادشاهه هو، جوَن جي ماني کائيندو هو، مٽيءَ تي سمهي پوندو هو. سادڙن ڪپڙن تي ڪيئي چتيون لڳل هونديون هيس، ڪلهي تي ان يا پاڻي کڻي ماڻهن کي پهچائيندو هو وغيره وغيره. هاڻي جيڪڏهن اهڙي سادگي جو اصول اختيار ڪجي ته گورنرن، وزيرن ۽ سفيرن کي پنهنجي سڀ ملڪيت قوم لاءِ وقف ڪرڻي پوي ۽ فقط ايتري رکڻي پوي جنهن مان اهڙو گذران ٿي سگهي جهڙو اڄ ڪلهه هاري جو آهي. پر اصلاح بتدريج ڪرڻو آهي. تنهن ڪري في الحال هي اصول ٺهرائجي ته 500 رپين کان وڌيڪ ڪو به پگهار نه کڻي. مقصد هي آهي ته آئينده ڪو به ماڻهو ايم اين اي ٿيڻ يا ڪو عهدو هٿ ڪرڻ لاءِ خواهان ئي نه ٿئي. ايم اين اي ٿيڻ لاءِ ماڻهو پاڻ ڪنهن کي منٿ ڪن ته خدا جي نالي تون هيءَ جوابداري ۽ تڪليف قبول ڪر. پوءِ اهي ماڻهو قبول ڪندا جن کي قوم جي خدمت ڪرڻ جو دلي ذوق و شوق هوندو.

## اسلامي مالي نظام

دستور جو هڪ وڏو مکيه پاڳو هئڻ گهرجي مالي نظام جنهن کان سواءِ ڪا به حڪومت چڱي طرح هلي نٿي سگهي. اسان جي پياري ليڊر مرحوم لياقت علي خان آمريڪا ۾ ليڪچر ڏنا ته اسان کي نڪو گهرجي سرمايه داري نظام نڪو ڪميونزم، اسان کي پنهنجو اعليٰ نظام آهي جنهن کي سڏيون ٿا اسلامزم. پر اڄ تائين گورنميٽ اسان کي نه ٻڌايو آهي ته اهو اسلامزم ڇا آهي ۽ ڪڏهن عمل ۾ ايندو. اسان


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

جا حاڪم ۽ خود غرض ليڊر عوام کي برغلائي رهيا آهن تہ ڪميونزم اسلام جو ضد آهي. حقيقت هيءَ آهي تہ ڪميونزم اسلامي مالي نظام سان تمام گهڻي مشابهت رکي ٿو. روسي ڪميونزم ڌهہ آنا ڪميونزم آهي تہ اسلامي مالي نظام سورهن آنا ڪميونزم آهي. روسي ڪميونزم موجب پيداوار جا ذريعا زمين، درياهہ، ڪاٺيون، وڏا ڪارخانہ وغيره سرڪار جي ملڪيت آهن ۽ سيني ماڻهن جي فائدي لاءِ آهن. اهي ڪن ٿورن ماڻهن جي ملڪيت ٿي نٿا سگهن پاڻ ڪروڙ پتي ٿي عيش عشرت ۽ تجمل تي ڪروڙين رپيا ضايع ڪري ڇڏين ۽ 90 في سيڪڙو ماڻهن کي اڌ اگهاڙا، بداخلاق ۽ وحشي بنائي ڇڏين. روس ۾ هر ڪنهن کي ايترو ملي ٿو جيترو هو ڪمائي سگهي ۽ جيتري قدر هنر ۽ قابليت جي ڪري هو لائق آهي. هر ڪنهن کي گهڻو ڪمائڻ ۽ ملڪيت گڏ ڪرڻ جو حق آهي يعني روس ۾ اها اشتراڪيت ناهي جنهن موجب سيني ماڻهن کي هڪ جيترا پيسا هڪجهڙا ڪاڏا هڪ جهڙا لٽا ڪپڙا وغيره ملن. قرآن مجيد ۾ بہ آهي تہ ليس للانسان الا ماسعيٰ يعني هر هڪ انسان کي اوترو ملڻو آهي جيتري هن محنت ڪئي آهي. اهي الفاظ مالي نظام سان بہ لڳن ٿا ۽ اخلاقي اعمالن سان ۽ روحاني فائدن سان بہ لڳن ٿا. پر جن ڳالهين ۾ اسلام ڪميونزم کان گهڻو بالا ۽ برتر آهي سي هيٺ ڏجن ٿيون.

قرآني تعليم آهي تہ انسان ۾ الله جي روح مان ڪجهہ ڦوڪيل آهي ۽ انسان کي خدائي رنگ ۾ رنگجي وڃڻ گهرجي. قرآن ۾ الله تعاليٰ جا اٽڪل 99 صفاتي نالا ڳڻيل آهن. ازانسواءِ الله تعاليٰ جيڪي جيڪي چاهي ٿو سو بہ گهڻو ئي بيان ڪيل آهي. انسان جو فرض آهي تہ انهن سيني صفتن سان پاڻ کي رنگي ڇڏي ۽ ٻيا بہ سڀ الله جا جيڪي حڪم ۽ مرضيون آهن تن موجب عمل ڪري. الله تعاليٰ جي پهرين صفت آهي رب العالمين. يعني سيني قومن ۽ سيني ماڻهن جي جسماني، دماغي ۽ اخلاقي پرورش ڪندڙ. تنهنڪري سرڪار جو بہ اولين فرض آهي بنا پاسخاطري سيني ماڻهن جي عدل ۽ انصاف سان جسماني، دماغي ۽ اخلاقي پرورش ڪرڻ. سرڪار ماءُ پيءُ آهي ۽ رعايا اولاد وانگر آهن. جيئن ماءُ پيءُ پنهنجي اولاد کي پاڻ کان بہ وڌيڪ سهولتون ٿا ڏين ۽ اولاد کي هڪ جهڙو ڪري ٿا ڏسن ۽ جيڪڏهن هڪڙو پٽ ٻئي کان گهڻو ٿو ڪمائي تہ بہ سيني پاتين جهڙو ڪائي ۽ چوڙي ٿو تيئن اسلامي سرڪار کي بہ اهڙو نظام رکڻو آهي جو سڀ مسلمان هڪ ڪٽنب ٿي وجن ۽ پائر تي رهن. اهڙي نظام رکڻ لاءِ قرآن مجيد ڪهڙيون ڪهڙيون هدايتون ڏنيون آهن سي هيٺ ڏجن ٿيون.

قرآني تعليم موجب زمين، آسمان، سج، چنڊ، جبل ۽ درياهہ وغيره ڪنهن خاص شخص جي ملڪيت ٿي نٿا سگهن. انهن جو فائدو سيني کي ڏيڻو آهي. قرآن مجيد ۾ جيترو زور ۽ تاڪيد خدا جي راهہ ۾ خرچ ڪرڻ تي ڏنل آهي اوترو ٻئي ڪنهن بہ ڳالهہ


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

تي ڏنل ناهي سواءِ هن ڳالهه جي تہ فقط الله جي ٻانهپ ڪيو نہ ڪنهن ٻئي جي. زڪوات اها سرڪاري ڍل آهي جا هوند وارن کان عوام جي فائدي لاءِ وٺجي ٿي. قرآن مجيد ۾ ائين فرمايل ڪونهي تہ زڪوات رڳو چاليهون حصو وٺجي. هر زماني ۽ هر ملڪ جي ضرورتن موجب زڪوات مقرر ڪرڻي آهي. ازان سواءِ صدقن جو نظام رکڻو آهي. قرآن مجيد ۾ بار بار بخيلن جي مذمت ڪيل آهي. بخيل اهو آهي جو خدا جي راه ۾ خرچ نہ ڪري. الله تعاليٰ باربار اسراف ڪرڻ جي منع تو ڪري ۽ فرمائي ٿو تہ تبذير ڪندڙ ماڻهو شيطان جا ڀائر آهن ۽ پڻ فرمائي ٿو تہ جيڪي ماڻهو سون ۽ چاندي گڏ ڪري ٿا رکن ۽ خدا جي راه ۾ خرچ نٿا ڪن تن کي اهي شيون تپائي انهن سان ڏنڀ ڏنا ويندا. هڪڙي هنڌ فرمايل آهي تہ اي پيغمبر تو کان ماڻهو پڇن ٿا تہ ڇا خرچ ڪيون، تن کي چؤ تہ جيڪي بہ گهرجن کان وڌيڪ هجيوَ سو خرچ ڪري ڇڏيو. هنن سيني حڪمن کي ملائڻ سان اهو نظام ٺهي ٿو وڃي جو اڄوڪي نظام جي بلڪل ابتڙ آهي. بلڪ اسان مسلمانن جي ملڪن ۾ ڪو نظام ئي ڪونهي يا چئجي تہ ڪفر جو نظام آهي نہ اسلام جو.

## عملي رٿون

منافقانہ بحث مباحثا تباهہ ڪندڙ آهن. ضروري ڳالهہ آهي عمل، پوءِ ڪٿي ٿورو ئي هجي. جيڪڏهن اسان پاڻ کي مسلمان ٿا سڏايون تہ اسان کي قرآن مجيد تي عمل ڪرڻ گهرجي نہ تہ کليو کلايو ڪفر اختيار ڪجي. منافقي ڪفر کان صدبار وڌيڪ ڪفر آهي. مان پنهنجي خيال موجب هيٺيون عملي رٿون ٿو پيش ڪيان:

(1) دستور ۾ ڦريائين ڦريائين هي الفاظ وجهڻ گهرجن تہ پاڪستان کي اسلامي ملڪ بنائڻو آهي ۽ اهڙو نظام رکڻو آهي جو هر هڪ مسلمان مرد خواه عورت هر روز ڪم از ڪم ڏهہ منٽ قرآن مجيد جو ترجمو پڙهي يا ٻڌي.

(2) جيڪا ڪاميٽي دستور مرتب ڪري رهي آهي تنهن سان مشهور عالم شامل ڪرڻ گهرجن ۽ ڪاميٽيءَ کي حڪم ڏجي تہ جيڪي حڪم قرآن مجيد مان دستور سان تعلق رکندڙ ڇنا پتا ملن سي دستور ۾ وجهڻ گهرجن.

(3) هر هڪ تعليمي خواه هنري اسڪول ۽ ڪاليج ۾ ملٽري، پوليس، ڊاڪٽري، انجنيري، کيتي وغيره جي اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ هفتي ۾ ٽي ڪلاڪ قرآن مجيد جي معنيٰ سيکارڻ لاءِ جدا رکيا وڃن ۽ انهن جو ٻين سبجيڪٽن وانگر لازمي امتحان ٿئي.

(4) ڏهن سالن بعد سرڪاري نوڪري ۾ فقط انهن کي کنيو وڃي قرآن مجيد معنيٰ سان ڄاڻندڙ هجن، ان جي تعليم تي عمل ڪندڙ هجن ۽ قسم نامون لکي ڏين تہ


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

هو قرآن تي پاڻ بہ عمل ڪندا رهندا ۽ ٻين کي بہ ان تي عمل ڪرائڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪندا.

(5) ڏهن سالن ڪانپوءِ فقط اهي ماڻهو اسيمبلي، لوڪلبوردن ۽ ميونسپالٽين لاءِ چونڊيا وڃن جي قرآن مجيد معنيٰ سان ڄاڻندڙ هجن ۽ علم ۽ اخلاقن ۾ بهترين هجن ۽ قسم نامون لکي ڏين تہ هو خود غرضي ۽ بديانتي ۽ بي انصافي ڪان سو ڪوه پري رهندا ۽ سادگي، مساوات ۽ خود داري وغيره ۾ عوام لاءِ مثال ٿي رهندا.

(6) مسجد کي تنظيم جو مرڪز بنائڻ گهرجي ۽ سيني مسلمانن کي اهڙي تنظيم هيٺ آڻجي جو پنهنجا ڪم ڪاريون فيصلا وغيره پاڻ ڪري سگهن ۽ اسيمبلين جا ميمبر پاڻ چونڊين.

(7) اسلام ۾ پارٽي بازي شرڪ جي برابر آهي سڀ مسلمان هڪ برادري آهن، تنهنڪري سياسي پارٽيون ختم ڪرڻ گهرجن ۽ پريس نوٽ ڪڍڻ گهرجي تہ خود غرض لالچي ماڻهن کي ووٽ نہ ڏيو ۽ انهن کي بہ ووٽ نہ ڏيو جيڪي زاني، شرابي، جواري، رشوتخور هجن يا چورن ۽ ظالمن جا مددگار هجن. پر ووٽ صرف انهن کي ڏيو جي علم ۾ اخلاقن ۾ عوام سان عدل ۽ احسان ڪرڻ ۾ بهترين هجن.

*(ماهوار توحيد“ ڪراچي نومبر ڊسمبر 1952ع)*


www.sindhsalamat.com
سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# رسومات تباهي

## ديباچو

ڪجهه وقت ٿيو جو مرحوم مولوي حاجي الاهي بخش صاحب هڪ ڪتاب نالي رسالہ نيڪ صلاح تصنيف ڪري ڇپايو، ان جا سڀ نسخا بلڪل جلد وڪامي ويا، ۽ ان لاءِ خريدارن جا خطن پٺيان خط اچڻ لڳا مگر پنن جي مهانگائي ۽ ٻين سبب ڪري مولوي ممدوح (تعريف ڪيل) صاحب جن اهو رسالو ٻيهر ڇپارائي نہ سگهيو. تنهنڪري سندن اجازت سان ان ڪتاب کي ڪجهہ مختصر ڪري مسلمانن جي فائدي لاءِ ٻئي نالي سان ڇپائي پڌرو ڪجي ٿو .

هن ڪتاب ۾ انهن بد رسمن جو بيان ڪيل آهي جي اسان جي دين ۾ لازم نہ آهن، بلڪ ناجائز آهن. انهن رسمن مسلمانن کي ترين پر ڪيرايو آهي، ۽ تباهي کي ويجهو پهچايو آهي. تنهنڪري هي ڪتاب اهڙو ضروري آهي جو سڀ ڪنهن مسجد ۾ رکڻ گهرجي، انهيءَ لاءِ تہ پڙهيل مسلمان اهو ڪتاب اڻ پڙهيلن کي پڙهي ٻڌائين. جي شخص هي ڪتاب پڙهن تن کي گهرجي تہ مجلسن ۾ خواهہ ميلن ۾، مسجدن خواهہ مڪانن ۾ هي ڳالهيون ٻين ماڻهن کي ٻڌائين. اميد ٿي ڪجي تہ جي ماڻهو هي ڪتاب پڙهندا يا هي ڳالهيون ٻڌندا سي هن تي عمل ڪري خدا ۽ خدا جي رسولﷺ جو راضپو حاصل ڪندا ۽ دنيا ۽ آخرت جي سعادت پرائيندا. آمين *(1921)*

## شروعات

حمد ۽ صلوات بعد ظاهر هجي تہ الله تعاليٰ جيڪي شيون ۽ جانور هن جهان ۾ خلقيا آهن تن سيني ۾ انسان کي وڏو درجو بخشيو اٿس. الله تعاليٰ انسان کي عقل ڏنو آهي جنهن جي وسيلي هو چڱائي ۽ برائيءَ کي پروڙي ٿو سگهي. مگر عقل هوندي بہ هن دنيا جا ڪيترائي ماڻهو گمراهہ ٿي تباهہ ٿي پيا آهن. تنهن ڪري الله تعاليٰ پنهنجي رحم سان سڀ ڪنهن زماني ۾ اسان کي سمجهائڻ لاءِ پيغمبر پي موڪليا. آخري زماني ۾ حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ کي موڪليائين، ۽ سندن هٿان قرآن شريف بہ اسان جي هدايت لاءِ موڪليائين. حضرت محمد ﷺ جن جي



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

سڀ هلت چلت پوري هئي ۽ الله تعاليٰ کين قرآن شريف ۾ اسوة حسنہ (يعني بهترين نمونو) سڏيو آهي، ۽ حڪم ڪيو اٿس تہ اسان کي سڀ ڪنهن ڪم ۾ حضرت محمدﷺ جن جي پيروي ڪرڻ گهرجي. تنهن ڪري ضروري آهي تہ اسان اهي سڀ رسمون ۽ هلتون جي حضرت محمد ﷺ جي سنت جي مخالف آهن سي ڦٽيون ڪري، سندن سادي سڌي روش اختيار ڪريون. ڪي ماڻهو افسوس آهي جو چون ٿا تہ هي اسان جي وڏن جون رسمون آهن سي نہ ڇڏينداسون. وڏن جي رسم وڏيڪ يا حضرت جن جي پيروي وڏيڪ؟

## ڀرين رسم جهنڊ جي

اها رسم هي آهي جو جيڪڏهن ڪنهن شخص کي اولاد نہ ٿيندو آهي تہ جيڪو آسپاس يا پري اوري، پير فقير اهل مماتيءَ جو مشهور ۽ڏل هوندس ان تي ويندو آهي، ۽ پنهنجي دل ۾ خيال ڪندو آهي تہ هي پير منهنجي دل جي مراد ڇاٽي ۽ پوري بہ ڪري سگهندو. اهو ويساهہ آٽي هو سوال ٿو ڪري تہ اي ولي سونهارا! تون مون کي پٽ ڏي تہ توکي آءُ نر جو نر ڏيندس، يعني ڪو ساڻُ يا گهيٽو يا ٻڪري تنهنجي درگاهہ ۾ وٺي ايندس.

پوءِ جيڪڏهن خدا جي قدرت سان هن کي پٽ ٿو ڄمي تہ هو سمجهي ٿو تہ هي پٽڙو مونکي فلاڻي پير ڏنو آهي. هاڻي مون تي فرض آهي تہ جيستائين نر جو نر نہ ڏيان تيستائين پٽ جي جهنڊ يعني متي جا وار نہ لهرايان. پوءِ جڏهن جهنڊ لهرائڻ جو سعيو ٿيندو تڏهن پٽ جو پيءُ ساري قبيلي ۾ سڏ ڏيندو، وهٽ واڙي گهوڙي گاڏي گڏ ڪندو، سڄي ڄڃ جي ڪاڌي پيتي جو سامان تيار ڪندو. گهر ۾ داڻو نہ هوندس تہ قرض ڪٽي ٽيڙ ٽاڙي وڪٽي ڪيئن بہ ڪري پورت ڪندو. جي گهر ۾ پردو هوندو تہ بہ ڄڃ جا سڀ ماڻهو پير جي سڪا ۾ سڀ شڪ شبها لاهي ڇڏيندا، ۽ شرم ٽارڻ لاءِ ٻيا چوندا تہ پيرن جي پار ڏي غيرت ۽ شڪ نہ آڻجي. مطلب تہ سڀ مڙس ۽ زالون پاڻ ۾ بي حجاب ڪلندا ۽ ڳالهائيندا ۽ ائين پيا چوندا تہ الله سائين شل اهڙيون مرادون سڀ ڪنهن جون پوريون ڪري. اهي نادان نٿا ڄاڻن تہ هن هڪ مراد ۾ ڪيتريون نامراديون پيدا ٿيو پون .

1) خدا جي خلقيل انسان ۾ اهو ويساهہ رکڻ تہ هو اهڙا ڪم ڪري ٿو سگهي نسور ڪفر آهي. الله تعاليٰ ٿو فرمائي:

اَللّٰهُ خَالِقُ كُلِّ شَيْءٍ ۖ وَّهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ وَّكِيْلٌ ﴿٦٢﴾

يعني الله تعاليٰ ڪل شيءِ جو پيدا ڪندڙ آهي ۽ سڀ شيءِ تي تصرف ڪندڙ آهي. خلقڻ ۽ پيدا ڪرڻ جي قدرت فقط الله تعاليٰ کي آهي. ڪنهن ٻئي کي انهيءَ قدرت ۾ شامل ڪرڻ شرڪ آهي. قرآن شريف موجب جنهن شخص شرڪ رکيو بهشت


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

۾ نہ ويندو.

2) مخلوق جو نذر باسڻ پڻ ڪفر آهي. اهو نذر وارو گوشت حرام آهي. الله تعاليٰ جل شانهو ٿو فرمائي تہ:

حُرِّمَتۡ عَلَيۡكُمُ الۡمَيۡتَةُ وَالدَّمُ وَلَحۡمُ الۡخِنۡزِيۡرِ وَمَاۤ اُهِلَّ لِغَيۡرِ اللّٰهِ

يعني مردار وهندڙ رت، سوئر جو گوشت، خدا تعاليٰ جي نالي کان سواءِ ڪنهن ٻئي جي نالي تي ڪٺل جانور اوهان جي لاءِ حرام آهن. مولانا عبدالحي لکنوي صاحب فتويٰ ڏني آهي تہ جيڪي ٻڪرُو وَلين جي واسطي ڪسن ٿا سي وَمَاۤ اُهِلَّ لِغَيۡرِ اللّٰهِ جي حڪم ۾ داخل آهن. ٻئي هنڌ فرمايو اٿس تہ جيڪو نذر مئن جي واسطي ولين سڳورن جي مقبرن وٽ ورتو وڃي ٿو سو حرام آهي. مخلوق جي واسطي نذر باسڻ جائز ناهي، ڇو تہ نذر باسڻ عبادت آهي ۽ عبادت مخلوق واسطي ناهي. ٻيو تہ جنهن واسطي نذر ٿو ڪجي سو ميت آهي، ۽ ميت ڪنهن بہ شيءِ جو مالڪ ٿي نہ ٿو سگهي. تيون تہ نذر باسيندڙ شخص سمجهي ٿو تہ اهي ڪم ميت ٿو ڪري اهو ويساهہ ڪفر جو آهي. اهڙا ڪفر جا ويساهہ گهڻن جاهل ماڻهن ۾ ڏسجن پيا، جيئن تہ ڪن ماڻهن کي چئبو آهي تہ ڇوڪر جو مٿو اتي ئي ڪٽي ڪوڙايو ۽ اهو گهٽو اتي ئي خيرات ڪري ڏيو تہ چوندا آهن تہ جي ايئن ڪنداسين تہ پير ڇوڪر کي ماري يا ڪاري ڇڏيندو. ڏسو ناداني ماڻهن جي، ايئن نٿا ڄاڻن تہ ماريندڙ ۽ جياريندڙ فقط خدا تعاليٰ آهي ۽ نفعو ۽ نقصان پهچائڻ وارو بہ اهو ئي مولا آهي.

3) اجايو خرچ ڪرڻ شيطاني ڪم آهي، مفت پنهنجي لاءِ زياني آهي. الله تعاليٰ قرآن شريف ۾ ٿو فرمائي تہ:

اِنَّ الۡمُبَذِّرِيۡنَ كَانُوۡۤا اِخۡوَانَ الشَّيٰطِيۡنِ ؕ

يعني اجايو و خرچ ڪندڙ شيطان جا ڀائر آهن.

4) بي حجابي جي دستور جاري ڪرڻ کان ٻڏي مرڻ ڀلو آهي. ڏسو الله تعاليٰ قرآن شريف ۾ ڪهڙو حڪم ڪيو آهي:

وَقُلۡ لِّلۡمُؤۡمِنٰتِ يَغۡضُضۡنَ مِنۡ اَبۡصَارِهِنَّ وَيَحۡفَظۡنَ فُرُوۡجَهُنَّ وَلَا يُبۡدِيۡنَ زِيۡنَتَهُنَّ

يعني مومنياڻين کي چئو تہ پنهنجي اکين کي ڍڪين ۽ پنهنجي ڳجهن انگن جي حفاظت ڪن ۽ پنهنجي سينگار کي ظاهر نہ ڪن. سخت ارمان جي ڳالهہ آهي تہ ڪيترائي مسلمان مڪريل زالن کي پيرن جي مقبرن تي جن ڪدائڻ لاءِ وٺي ٿا وڃن جتي هو بيشرم ٿي هزارين ڌارين مردن جي اڳيان لهر ٿيون هڻن ۽ پير جا مجاور هنن کي ڪاڏيءَ ۾ پنيءَ تي هٿ ٿا گهمائين.

جنهن شخص کي ڪنهن ولي وٽ وڃي سوال ڪرڻو هجي تہ هن طرح سان دعا پني تہ ڏٽي منهنجا! هن ڪامل ولي جي وسيلي منهنجو مشڪل آسان ڪر تہ آءَ هي نذرانو تنهنجي نالي جو ادا ڪندس، يا هن درگاهہ جي فقيرن کي آٽي ڏيندس. پوءِ


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

جڏهن خدا تعاليٰ جي فضل سان پنهنجي مراد حاصل ڪري تڏهن ڳوٺ ۾ غريبن مسڪينن کي ڪارائي ڇڏي. جيڪڏهن درگاهه جي فقيرن کي ڏيٺو هجيس ته پاڻ اڪيلو وڃي گهٽو يا ٻڪر ڏيئي اچي، ناحق ڇوڪر جي جهنڊ سان گڏ پنهنجي جهنڊ نه لهرائي، نڪي سڄي ڄمار قرض جي بار هيٺ ڳهي ۽ مري.

## ڇٽيءَ جي رسم

ڇٽيءَ جي رسم غريبن خواهه آسودن تي مفت جي چٽي آهي. ٻار جي ڄمڻ کان پوءِ ڇهين ڏينهن طعام رڌي مٽن مائٽن کي ڪارائيندا آهن، يا ٻن ٽن رپين جي مٺائي ورهائيندا آهن. جنهن شخص اهو ڪم سر انجام نه ڪيو سو سڄي قبيلي ۾ بدنام ٿيندو. جنهن گهر ۾ ڇٽيءَ جو پت ويندو آهي تنهن کي وري ان جي پٽيان پيسو ٽڪو پرٽو پوندو آهي. هي رسم به سنت جي مخالف آهي. ڇٽيءَ ۾ رڳو ناموس ۽ رياءَ تي خرچڻ حرام آهي جيئن ته قرآن شريف ۾ آهي:

اِنَّ الْمُبَذِّرِيْنَ كَانُوْٓا اِخْوَانَ الشَّيٰطِيْنِ ؕ

هن آيت مان صاف معلوم ٿيندو. حديث شريف ۾ پڻ آيل آهي ته:

من يرائي يرائي الله به ومن يسمع يسمع الله به

يعني جو شخص ماڻهن جي ڏيکارڻ ۽ ٻڌائڻ واسطي ڪو ڪم ٿو ڪري ته الله تعاليٰ ان شخص کي ڏيکاريندو ۽ ٻڌائيندو، يعني الله تعاليٰ ان شخص کي خوار ۽ شرمسار ڪندو.

ٻار جي ڄمڻ کان پوءِ ستين ڏينهن يا ڪو سبب هجي ته ان کان پوءِ پٺ لاءِ ٻه ڇهرو ۽ نياڻيءَ لاءِ هڪ ڇهرو ذبح ڪجي. پٺ لاءِ ٻه ڇهرو نه ٿي سگهن ته هڪ ڇهرو ڪافي آهي، شريعت شريف ۾ زياده تڪليف کان معافي آهي. گوشت جون ٽيون حصو فقيرن کي ڏيڻ گهرجي باقي ٻه حصا مٽن مائٽن ۽ پاڙي وارن کي ڏجن. ماءُ ۽ پيءُ، ڏاڏي ۽ ڏاڏيءَ کي به اهو گوشت کائڻ جائز آهي. جنهن شخص کي هڪ ڇهرو به لڀي نه سگهي تنهن کي عقيقي ڪرڻ جو ضرور ئي ڪونهي، ڇو ته نڪي هي ڪم فرض آهي نڪي واجب. مگر حنفي مذهب ۾ مستحب آهي.

## رسم طوهر

سبحان الله هي رسم طهر جي کهڙي نه عمدي اسلامي رسم آهي، جا مسلمانن ۽ غير مسلمانن جي وچ ۾ فرق ڪرڻ ۽ سڃاڻڻ جو وسيلو آهي. اها پيغمبرن سڳورن جي سنت آهي. طهر ڪرڻ مان هڪڙو فائدو هي آهي جو اڻ طوهريل ماڻهوءَ کي هڪڙي قسم جي خارش ٿئي ٿي، جنهن مان هن ۾ مشتزنيءَ جي عادت پوڻ جو امڪان آهي. اها عادت اهڙي خراب آهي جو ماڻهوءَ کي جلد نبل ۽ ضعيف ڪيو


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

چڏي ۽ منجهائنس مرداني قوت بہ هليو وڃي. ڊاڪٽر چون ٿا تہ طهريل ماڻهن ۾ اها عادت گهٽو گهٽ آهي.

هي رسم هن طرح بجا آڻجي. جڏهن ٻار طوهر جي بار سهڻ جهڙو ٿئي، تڏهن هڪدم حجام گهرائي بنا تڪليف ڪم لهرائي ڇڏجي. اجايو چو پاڻ کي ڪاڄ جي مصيبت ۾ وجهجي، ۽ مٽن مائٽن کي سڏ ڏيئي ناموس لاءِ وڏو خرچ ڪجي. نقل آهي تہ حضرت عمرو بن العاص رضي الله عنه کي ڪنهن شخص طوهر جي دعوت ڏني. هن قبول نہ ڪئي. ڏسو اصحابن سڳورن جي تقويٰ. اڄوڪي زماني ۾ ڪو ڪٽي سڏي تہ پوءِ ڪير ٿو ڇڏي. هن نقل موجب اها طوهر جي دعوت بيچڙي بدعت ڄاڻبي. پر جي ڪٽي ميجون تہ مباح آهي تہ بہ مباح کي لازم ڪري وٺڻ ڪراهت آهي. مولانا عبدالحي لکنوي صاحب پنهنجي فتويٰ ۾ صاف طرح ڏيکاريو آهي تہ ڪنهن بہ ڪم کي رڳو رسم جي پابندي موجب لازم ۽ ضروري ڄاڻڻ ڪراهت آهي. ان بابت هڪ حديث بہ بيان ڪئي اٿس جنهن جو مطلب آهي تہ نماز بعد ڪبي پاسي کان ڦرڻ ۽ سڄي پاسي منهن ڪرڻ مستحب آهي، هاڻي ان مستحب کي پاڻ تي لازم ۽ واجب ڄاڻڻ شيطان کي پنهنجي نماز جي ثواب مان ڀاڱو ڏيڻ آهن.

هي ڪاڄ ڪرڻ جي رسم جهڙي شريعت موجب ناپسند آهي تهڙي عقل موجب بيچڙي آهي. چو تہ جيڪڏهن ڪاڄ وارو آسودو هوندو تہ هن جو سڀ مال اجايو ويو، نڪو ثواب مليس نڪا عزت حاصل ٿيس، ناحق ناموس تي پنهنجو مال خرچ ڪيائين. پر جي سچو هوندو تہ وڏي مصيبت ۾ پيو. جي ماني نٿو ڪارائي تہ پاڻ کي مهڻن سان ٿو مارائي. لاچار دل وڏي ڪري وياج تي قرض ڪٽي پورت ڪندو. جڏهن سڀ ڄاڃي پت ڪائي راهي ٿيندا تڏهن هو ويچارو اڃي ڳڻتين ۾ پوندو، ۽ سڄي عمر سندس دل جو ڦٽ پيو چڪندو.

ڪي نادان ماڻهو وري ڇا ڪندا آهن جو جيستائين ڪاڄ جي طاقت پاڻ ۾ نہ پائيندا آهن تيستائين طهر نہ ڪرائيندا آهن، ۽ پيا سنيرندا آهن. سنيرندي سنيرندي ڇوڪر اڃي بالغ ٿيندو آهي، پوءِ مس مس مٽا مونا هٽي قرض ڪٽي طهر ڪرائيندا آهن. اهڙي ڇوڪر جي ان وقت اگهڙ ڏسڻ گناهہ آهي. ان وقت مٽن مائٽن کي ڪيڏي نہ شرمندگي ٿيندي. حجام کي گهرجي تہ ان وقت طوهر ڪرڻ انڪار ڪري نہ تہ گنهگار ٿيندو. ڪي مسلمان تہ وري هن رسم وقت ناچ ڪرائيندا آهن ۽ راڳ ڳارائيندا آهن، ۽ هن پاڪ سنت ۾ ڪيترين ئي بدعتون آڻي گڏائيندا آهن جن کان شل الله تعاليٰ سيني کي ڇڏائي!

## شاديءَ جون رسمون

هي رسم انسان جي نسل جاري رکڻ ڪري جامع البرڪات (يعني برڪتن سان



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

پريل) آهي، ۽ شيطاني خيالن کي دور ڪرڻ سببان امر الحسنات (چڱاين جي ماءُ آهي). اها رسم آهي نڪاح جو عقد. قرآن ڪريم ۽ حديث شريف ۾ نڪاح ڪرڻ بابت گهڻو تاڪيد آهي. حديث سڳوريءَ ۾ آهي تہ:

النكاح من سنتى فمن رغب عن سنتى فليس منى

يعني نڪاح منهنجو طريقو آهي، پوءِ جنهن منهنجي طريقي کان منهن موڙيو سو منهنجو امتي ناهي.

بي حديث ۾ آهي:

تناكحو وتوالدوا وتكاثرو فانى اباهى بكم الامم يوم القيامت ولو بالقسط

يعني نڪاح ڪريو ٻار ڄڻيو ۽ گهڻا ٿيو، آءُ تحقيق اوهان کان امتن ۾ قيامت جي ڏينهن خوش ٿيندس اگرچہ ڪريل ٻار هوندو. نڪاح ۾ هي حڪمت آهي تہ جيئن انسان ٻين جانورن کان شرف ۾ وڏيڪ آهي تيئن پاڻ ۾ گڏجڻ جو دستور يعني نڪاح بہ سندن شان ۽ عزت موافق آهي. ڏسو ٻيا ويچارا حيوان، هڪ مادي تہ سوَ سان. انهيءَ نڪاح جي نعمت جا شڪر ۽ احسان انسان کي دل و جان سان ڳائڻ گهرجن ۽ گڏهن ۽ ڪتن وانگر گهتون نہ ڪائڻ گهرجن. جي ماڻهو انهيءَ نعمت جو شڪر ادا نٿا ڪن، بلڪ پنهنجي زالن کان سواءِ ٻين هنڌن تا لڙڪن سي ماڻهو ناهن، ڍور آهن، ڍور بہ ڪانئن بهتر آهن، ڇو تہ هنن کي عقل ڪونهي ۽ هنن لاءِ خدا تعاليٰ وقت ۽ موسمون مقرر ڪري ڇڏيا آهن. مومن لاءِ زال ڍال آهي پر اها جا نڪاح سان حلال آهي، ٻي جيءَ جو جنجال آهي. حديث شريف ۾ آهي تہ جنهن نڪاح جو عقد ٻڌو تنهن اڌ ايمان جو لڌو. نڪاح جي چڱائيءَ بابت ٻيون بہ گهڻيون ئي حديثون آهن. پر افسوس صد افسوس جو هن سڳوريءَ سنت کي جنهن کي اسان متي امر الحسنات سڏيو آهي تنهن کي گهڻن نادانن بيڄڙن بدعتن ۽ خرابين جي گڏڻ سان امر المفسدات (خرابين جي ماءُ) ڪري ڇڏيو آهي. اهڙي ڪا بد رسم ڪانہ رهي آهي جا ماڻهن شاديءَ ۾ نہ ڪئي آهي. مطلب تہ هر گهر ۽ هر شهر ۾ پليگ وانگر پکڙجي ويئي آهي. هاڻي شاديءَ جي بربادي‎ءَ جون بد رسمون ٻڌو:

## 1 _ عاليشان رسم

اڪثر عزت وارن ماڻهن جي هي رسم آهي جو پنهنجو ٻار وهاري ڇڏيندا آهن. ۽ ڪنهن بہ مت مائٽ کي عار جي سببان ڪين ڏيندا آهن. ائين ٻيا چوندا آهن، تہ ڪو مت اسان جي مَٽُ ڪونهي. پر اهو اجايو هٺ آهي. ڪنهن بہ ماڻهوءَ جو شان حضرت نبي آخر الزمان کان متي نہ آهي، جنهن پنهنجيون نياڻيون پنهنجي عزيزن کي ڏنيون. هي جاهل ماڻهو جنهن ڪم کي پنهنجي وڏائي ۽ فخر پائين تا تنهن ۾ ڪيتريون ذلتون ڪائين تا. حديث شريف ۾ آيو آهي تہ جنهن وقت جنازو تيار ٿئي هڪدم نماز


www.sindhsalamat.com
سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

پڙهائي دفن ڪيو ۽ جڏهن نياٽي بالغ ٿئي تڏهن بنا دير جي پرڻائي ڇڏيو. انهيءَ حديث ۾ اهو اشارو آهي تہ جيئن جنازي ۾ دير ڪرڻ ڪري مڙهہ بانس ڪندو تيئن بالغ نياٽيءَ جي پرڻائڻ ۾ دير ڪرڻ ڪري عزت ناموس ناس ٿيندي. جاهل ماڻهو ٻار وهارڻ ڪي چادر ڍڪائڻ سڏيندا آهن. پر خدا پناهہ ڏئي مڙني اشرافن ڪي. ڪٿي تہ انهيءَ چادر مان وڏيون بدناميون پيدا پيون ٿين. اها رسم اصل ڪافرن جي آهي. عرب جهالت جي زماني ۾ پنهنجيون نياٽيون پرڻائڻ جي عار کان ماري ڇڏيندا هئا. حضرتﷺ جن اها رسم ڪڍي ڇڏي مگر هن زماني ۾ اها رسم جاري آهي، ڇو تہ اڳيان ڪافر رڳو هڪ ڀيرو ڏيون ماريندا هوا، هي روز ٿا مارن، ۽ خدا جي مخلوق جو ساهہ گهٽيءَ گهٽيءَ ٿا ساڙين. انهيءَ اندر جي باهہ گهٽڻ جو خانو خراب ڪري ڇڏيو ۽ گهٽڻ زاهدن کي بي ايمان ڪري ڇڏيو. اي ڀائرو! مسلمانو! پوري وقت تي ٻار اٿاريو، پاڻ تان بار تاريو. قرآن شريف ۾ آيل آهي تہ:

وَاَنْكِحُوا الْاَيَامٰى مِنْكُمْ وَالصّٰلِحِيْنَ مِنْ عِبَادِكُمْ وَاِمَآئِكُمْ ۭ اِنْ يَّكُوْنُوْا فُقَرَاۗءَ يُغْنِهِمُ اللّٰهُ مِنْ فَضْلِهٖ ۭ وَاللّٰهُ وَاسِعٌ عَلِيْمٌ ۝۳۲

يعني اوهان ۾ جيڪي يتيم هجن تن سان نڪاح ڪيو ۽ انهن ٻانهن ۽ ٻانهين سان جي صالح هجن. جيڪڏهن اهي سچا هوندا تہ الله تعاليٰ هنن کي پنهنجي فضل سان دنيا دار ڪندو. الله تعاليٰ گذران ڪشادو ڪندڙ ۽ ڄاڻندڙ آهي.

ٻي آيت شريف ۾ آهي تہ:

فَلَا تَعْضُلُوْهُنَّ اَنْ يَّنْكِحْنَ اَزْوَاجَهُنَّ اِذَا تَرَاضَوْا بَيْنَهُمْ بِالْمَعْرُوْفِ ۭ

يعني انهن زالن کي پنهنجن مڙسن سان نڪاح ڪرڻ کان منع نہ ڪيو وجي چڱي سلوڪ ۽ مهر سان پاڻ راضي رهن.

هڪڙي حديث شريف ۾ آهي تہ، ”جنهن شخص کي ٻار ڄائو، تنهن کي جڳائي تہ ان جو نالو موچارو رکي علم ۽ ادب سيکاري ۽ جڏهن بالغ ٿئي تڏهن ان کي پرڻائي ڇڏي.“

ٻي حديث شريف ۾ آيو آهي تہ، ”ٽن شين ۾ دير نہ ڪر، هڪ نماز جڏهن ان جو وقت اچي. ٻيو جنازو حاضر ٿئي، ٽيون اڻ پرڻيل عورت جڏهن ان جي لائق مڙس لڀي.“

ٽين حديث شريف ۾ آيو آهي تہ، ”جڏهن توهان وٽ ڪو شخص اچي جنهن جي دين ۽ چال چلت کان اوهان راضي آهيو تڏهن نياٽي ان کي پرڻائي ڇڏيو، نہ تہ زمين ۾ فساد ٿو ٿئي.“ مطلب هيءُ آهي تہ جنهن ماڻهوءَ جون عادتون ۽ اسلام توهان کي پسند اچي ۽ توهان وٽ سڱ لاءِ اچي تہ ان کي سڱ ڏيو ۽ ٻار وهاري نہ ڇڏيو نہ تہ وڏو فساد يعني زنا، قتل ۽ خواري خرابي گهڻي پيدا ٿيندا.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

## 2 ـ ونواهه ونڻ جي رسم

ڪي ماڻهو وري ٻار وهارن نہ ٿا، پر پاڻ تي ٻئي قسم جي ملامت جو بار چاڙهن ٿا، يعني مهر کان سواءِ پيسا وني سڱ ٿا ڏين. جيڪو گهڻا پيسا ڏئي تنهن جا مائٽ ٿا ٿين، ۽ نيلام وانگر واڪ ڏئي آس پاس سڱ جي هاڪ وجهن ٿا. هيءُ کهڙي نہ بڇڙي رسم آهي جنهن ۾ نڪو شرم آهي نڪو مرم آهي. اهي پئسا شرعي حڪم موجب رشوت آهن، انهن جو ونڻ ۽ کائڻ حرام آهي، ونڻ وارو گنهگار ۽ بدنام آهي. انهن پيسن ۾ برڪت ڪانهي، الٽو ٻيڻو گناهه آهي. مولانا عبدالحي لکنوي صاحب پنهنجي فتويٰ ۾ چيو آهي رسول ڪريم ﷺ رشوت ڏيندڙ ۽ وٺندڙ تي لعنت ڪئي آهي، ۽ هيءَ بہ رشوت آهي جو ڪنوار جو وارث نڪاح کان اڳ يا پوءِ گهري ٿو وني، يا پئسن نہ ملڻ ڪري پرڻائي ڏيڻ ۾ راضي نٿو رهي. باقي جيڪڏهن اڻ گهريو پاڻئون چاڻئون خوشيءَ سان ڪو شخص ڪنوار جي وارثن ڪي نڪاح کان اڳي ڏيندو تہ اهو سوکڙي آهي ۽ جائز آهي. ٻين فقيهن سڳورن بہ انهيءَ شرطي ونڻ ڪي رشوت سڏيو آهي.

## 3 – ونواهه

شادي جي سرانجاميءَ وقت ڪنواريتا ڪنوار ڪي هڪ ڪوٺيءَ ۾ وهارين ٿا، جنهن ڪي ونواهه چون ٿا. اهو وهڻ اهڙو لازم سمجهن ٿا جو ڪنوار گرميءَ ۾ پئي رجهي يا بيماريءَ ۾ ڳري تہ بہ اتان هرگز نہ نڪري. شرع ۾ اهو ڪم هرويرو لازم نہ آهي. غير لازم سمجهڻ گناهه آهي. ٿورن ڏينهن جي ڳالهہ آهي تہ اسان جي نزيديڪيءَ ۾ هڪ ڳوٺڙي ۾ ڪنهن ڪنوار ڪي ڪوٺڙي ۾ ونواهه ڏنائون، جيري جاڳندي ماڻهو ڪي قبر جي حوالي ڪيائون. اتفاق سان موسم گرميءَ جي هئي، ڪنوار ڪي اڇي تپ ٿيو. جنهن حڪيم ڪي آنڌائون تنهن چيو تہ محرقو تپ آهي ۽ هن ڪي تنگ جاءِ ۾ وهڻ ڪري موت جو الڪو آهي. صلاح ڏنائين تہ هن ڪي ٻاهر هوا ۾ وهاريو. ڪنوار ڪي ٻاهر وهارڻ هنن ڪي سخت خراب لڳو، هنن پنهنجي رسم جو قائدو نہ ڇڏيو. آخر ڪنوار ڪوٺيءَ جي ڪاڙهي ۾ گهٽجي مري وئي. ڏسو ماڻهن جي ناداني جن پنهنجي ماڻهوءَ جو مرڻ پسند ڪيو مگر پنهنجي رسم ڪي بند نہ ڪيو.

## 4 – ڳانا، سڳا وغيره

عام ماڻهو شادي وقت گهوٽ ۽ ڪنوار لاءِ ڪيترائي سڳا ٽا ڪن، ٻانهن ۽ پيرن لاءِ ڳانا ٽا ٽاهن ۽ ونواهه کان وني لاڏا ٽا ڳائن. ڳانا هن ڪري ٽا ٻڌن جو هنن جو ويساهه آهي تہ جي گهوٽ ڪنوار ڪي ڳانا ٻڌل هوندا تہ هنن تي جن ڀوت ۽ نظر اثر نہ ڪندا. هيءُ نہ رڳو ڀرم آهي پر ڪفر ۽ شرڪ آهي. ڇو تہ اسلام موجب نفعي ۽


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

نقصان رسائڻ جي قدرت فقط الله تعاليٰ کي آهي. سهرن ۾ لاڏن چوڻ مان شيطاني حرص پيدا ٿو ٿئي. تنهنڪري جهڙي طرح عورت کي پنهنجو هار سينگار ڌارين مردن کان لڪائڻو آهي، تهڙيءَ طرح موهيندڙ آواز ڌارين مردن جي ڪنن تي وجهڻ به ناجائز سمجهڻ گهرجي.

عورت جو اهو آواز هڪڙو قاصد آهي، جو ڪن جي رستي ٻئي ماڻهوءَ جي دل ۾ محبت ڪٽي ٿو وجي، پوءِ ٻڌڻ مان ڏسڻ جو شوق پيدا ٿئي ٿو، جنهن مان نيٺ زنا جي گناهه ڪرڻ جو امڪان آهي.

## 5 – غير رسمون

ڪٿي وري ساندهه به ٽي ڏينهن دهل وڄائين ٿا ۽ دهلن تي مڙس ۽ زالون ڳائن ٿا، هي سڀ لهو و لعب بيهودو عيش عشرت آهي. هن ۾ اهو ئي نقصان آهي جيڪو لاڏن ڳائڻ ۾ آهي .

مطلب ته اهي مڙئي رسمون، گهوٽ ڪنوار کي سهرا ۽ ڳانا، ونواهه کي لازم ڪري سمجهڻ، گهوٽ کي مينڌي لائڻ، ان کان ڪنڌي ڪپائڻ، گهوٽ کي هرويرو ان وقت ڪاري تي وهنجارڻ، ڪاري جي هيٺيون ڏيئو ٻارڻ، ڊڪٽي پڇائڻ، تر موائڻ، ڦل چونڊائڻ، سهرا ڳائڻ، مهري گهمائڻ، دهل وڄائڻ، ٽپا ڏيڻ. زالن ۾ مردن جو گڏ ڪلڻ ۽ ڳالهائڻ ستر ڏورڻ غيرت ٻوڙڻ سڀ شريعت موجب ناجائز ۽ بلڪل بڇڙيون رسمون آهن. شاديءَ جو دستور اهو آهي جو خدا جل شانه ۽ رسول الله ﷺ وٽ منظور آهي. ان ۾ فقط ستن ڳالهين جو هجڻ ضروري آهي.

1) ڪنوار گهوٽ کان ننڍي هجي نه ته به هڪ جيڏي.
2) زباني چوڻ سان ڪم ڪجي، هرويرو مڱڻي جي ٽيڪڙي ۾ نه پئجي.
3) شاديءَ جي وقت مٽ مائٽ يار دوست ڀلي اچن، ويهي هڪ ٻئي سان ڳالهيون ڪن ۽ ڪائن پيئن.
4) مجلس ۾ ڪنوار جو وارث نڪاح وجهي ڏئي ۽ گهوٽ جي طرفان قبوليت ٿئي.
5) مناسب مهر مقرر ڪجي، تمام گهڻو هرگز نه ڏجي.
6) گهوٽ ۽ ڪنوار کي هڪ خلاصي جاءِ ۾ وهارجي ۽ ٻنهي کي صاف پاڻي ۾ صلوات پڙهي اهو پاڻي پيارجي. جي نه هجي ته ساڳيءَ طرح کير پيارجي ۽ ٻنهين جي حق ۾ خير جي دعا گهرجي، ڪين الله صاحب جل شانه کي سُپارجي (پارت ڪجي).
7) ڏاج ۾ ضروري گهربل سامان ڏجي ۽ ان جي ڄاڻائڻ لاءِ ڪو ميڙ نه ڪجي. سنت موجب اها آهي شادي ان کان سواءِ ٻي ڪل بربادي.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

## ڪچرين، راڳ ۽ ناچ ڪرائڻ جي رسم

سيني رسمن ۾ بڇڙي رسم هي آهي جو ڪي دنيادار ماڻهو پنهنجي ناموس واسطي ڪچرين ڪي گهرائي راڳ ۽ ناچ ڪرائيندا آهن. الله تعاليٰ جل شانه انسان کي عقل ڏنو آهي، جنهن ڪري هو ٻين حيوانن کان شرف ۾ وڌيڪ آهي. اسان کي گهرجي ته انهيءَ بي بها نعمت مان فائدو وٺون. اسان کي عقل ڊوڙائڻ گهرجي ۽ ڏسجي ته ڪهڙا ڪم اسان جي لاءِ چڱا آهن ۽ ڪهڙا نقصان وارا آهن. هن رسم ۾ نقصان تمام گهڻا آهن. جنهن وقت ۾ اهو شعور ڪلي ٿو تنهن وقت زنا جو زور هلي ٿو، ۽ سڀ ڪنهن عضوي کي زنا حاصل ٿئي ٿي، فقط مخصوص عضوي جي مدعا رهي ٿي. ڌارين عورتن ڏي ڏسڻ اکين جي زنا، ڳالهائڻ زبان جي زنا، آواز ٻڌڻ ڪنن جي زنا، اوڏانهن وڃڻ پيرن جي زنا آهي. هي محفل آهي يا فساد جي بلا آهي؟ هڪ جيڏن جي چوياري آهي يا ٻنهي جهانن جي خواري آهي؟ قرآن شريف ۾ الله تعاليٰ جل شانه مردن کي ڌارين زالن ڏي نهارڻ کان ۽ زالن کي ڌارين مردن ڏي نهارڻ کان منع فرمائي آهي. حديث شريف ۾ آهي ته جو شخص بڇڙي نگاهه سان ٿو ڏسي ان کي قيامت جي ڏينهن شيهو پگهاري اکين ۾ وجهندو. زنا بابت حديثن ۽ قرآن ڪريم ۾ سخت ڦُلڪار (جهٽڪ) آهي.

اهڙين مجلسن ۾ نه وڃڻ ڪري آخر دل ڪاري ٿي وڃي ٿي ۽ گناهه ڪرڻ بعد ڪا پشيماني يا پرواهه نه ٿي رهي. جنهن جي اندر ۾ اهڙو خيال پيدا ٿئي ٿو تنهن کي ايمان وڃائڻ جو وڏو پوءُ آهي. حديث موجب مومن اهو آهي جنهن کي چڱي ڪم ڪرڻ مان فرحت اچي ۽ بڇڙي ڪم ڪرڻ کان سخت ارمان ۽ پشيماني ٿئي. هن مان صاف آهي ته جنهن شخص کي گناهه ڪرڻ بعد غم نه ٿيو تنهن جو ايمان ويو. اهڙي مجلس ۾ اڪثر ساز وڄائجن ٿا. حديث شريف ۾ آهي ته حضرت جن فرمايو ته خدا تعاليٰ مون کي سازن جي بند ڪرڻ لاءِ اڪثر حڪم ڏنو آهي. هاڻي جنهن شخص اٿلندو سازن کي رواج ڏياريو سو خدا تعاليٰ ۽ خدا جي رسول جي اڳيان ڪهڙو نه شرمسار ٿيندو. اهڙين مجلسن ۾ ويٺلن ماڻهن کي اوجاڳي ڪري اڪثر بيوقتي ننڊ ٿي اچي، جنهن ڪري صبح جي نماز هنن کان وڃي ٿي ۽ دنيا جي ڌنڌن ۾ به پورو وقت لڳائي نه ٿا سگهن، تنهن ڪري دنيا ۽ آخرت ٻنهي ۾ عذاب سهڻا ٿا پون، ۽ خواريءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به حاصل نٿو ٿئي. ڪي ماڻهن راڳ ڪندڙ جي محبت ۾ گرفتار ٿي گهر ٻار ڇڏي ديوانن وانگر هن جي پٺيان لڳن ٿا ۽ پنهنجو خانو ويران ڪري عزت ۽ ادب کي برباد ڪن ٿا. اي مسلمانو! خوار خراب شخصن کي ڏسي سبق سکو، غفلت ڇڏيو توبه ڪيو ۽ اهڙن راڳن ۾ پاڻ کي غرق نه ڪيو.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

## مرڻي تي بد رسمون

1) جيڪڏهن ڪو ماڻهو مري ٿو تڏهن گهر وارن لاءِ ڏاڍو ظلم ٻري ٿو. يعني جنهن مهل ميت ساهه ڏيندو تنهن ساعت بلڪ ان کان اڳ پَٽَ جو سعيو ٿيندو. پوءِ سڀ ننڍا ننڍا وڏا، عورتون، چوڪر ٻاڪر اچي پٽ تي گڏ ٿيندا. انهيءَ پٽ ڪي اهڙو لازم ڪري سمجهندا آهن جو اتفاقن جي ڪنهن وارث اهو پٽ نه ڪيو ته ان جو اهو مائٽ ڪنو ٿي مئو، ۽ جو پٽ جي پيٽ ۾ چيو تنهنجو مئل مائٽ سرهو ٿيو. ڏسو هيءُ ڪيڏو نه ظاهر ظهور انڌير آهي. موت جي وقت سيڪو وارث پريشان ۽ دلگير آهي. اهڙي وقت ۾ مائٽ وري اچي پٽ جي تيڙ ٻيڙ تا لائن. هوڏانهن ميت سڪرات ۾، هيڏانهن سڀ مائٽ ڪانڊپي جي تات ۾. هوڏانهن ماڻهو پيو مري، هيڏانهن ٻڪرو پيو ٻيڪاٽ ڪري. هيڏانهن وارثن لاءِ انڌو ڪار. هيڏانهن هيءُ طعام ڪائڻ لاءِ تيار. هوڏانهن چورا ٻار ميت جي فراق ۾ سڪ ڪان پيا ڦاٿن هيڏانهن ٻيجا مائٽ پٽ ڪائي نڪ ڪان پيا ڦاٿن. عجب آهي انهن جي اهڙي سنگدلي ۽ بيحيائي تي جو مائٽن جي موت ڪي رمضان جي عيد ڪري تا سمجهن، ڪو به خوف خدا جو يا خلق جي خواري جو ڪو نه تا ڪن.

ڪتاب ۾ جتي ڪتي هيءَ ڳالهه ثابت ٿيل آهي ته اها مصيبت جي گهران ٽن ڏينهن تائين مهماني ڪائڻ ۾ وڏي خراجت آهي. مولانا عبدالحي صاحب پنهنجي فتويٰ ۾ هي عبارت ڪئي آهي.

لاباح اتخاذ الضيافته ثلاثته ايام فی ايام المصيبته

ترجمون: مصيبت جي ڏينهن ۾ ٽن ڏينهن تائين مهماني وٺڻ درست نه آهي. ترمذي شريف جي حاشيه ۾ آهي ته ابن همام چيو آهي ته اهل ميت وارن ڪان مهماني وٺڻ ڪراهت آهي، چو ته اها مهماني سک ۾ جائز آهي، ڏک ۾ نه. اها بڇڙي بدعت آهي جيڪڏهن وارث غير حاضر آهي يا ناقابل آهي تڏهن ته اهو طعام ماڻهن لاءِ حرام آهي، ٻي صورت ۾ به ڪراهت کان خالي نه آهي.

فان کان فی الترکته صغير لم يتخذ و اذلک من الترکته کذا فی التاتار خانيه

ترجمون: پوءِ جيڪڏهن ورثي ۾ ڪوئي ننڍو وارث هجي ته ان ورثي مان خيرات نه ڏيو.

هن مان معلوم ٿيندو ته اهڙي ورثي مان مهماني ڏيڻ به جائز نه آهي. حديث شريف جو ته هيءُ حڪم آهي ته پاڙي وارن تي لازم آهي ته ان ڏينهن پنهنجي گهران طعام ڪٽي اچن ۽ اچي هن مصيبت وارن ۽ ڏورانهن مهمانن ڪي ڪارائن. حديث ۾ آهي ته:

قال النبی ﷺ اصنعو لاهل جعفر طعاما فانه قد جاءِ هم ما يشغلهم

ترجمو: جڏهن حضرت جعفر جي موت جي خبر آئي، تڏهن نبي ﷺ فرمايو


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

تہ اهل جعفر واسطي طعام تيار ڪيو جو انهن وٽ اها شي (جعفر جو موت) آئي آهي جنهن هنن کي رنجايو آهي. ائين ڪرڻ نتو جڳائي جو اڄوڪي وقت جي ماڻهن وانگر مصيبت گڏي ڏين ۽ ماتم جي مئل کي ٻيهر ماري ڇڏين.

2) ماڻهوءَ جي مرڻ وقت سڀ ڪنهن ماڻهوءَ کي کپي تہ ان جي ڪفن جي تياري ڪري. ڪفن دفن جو ڪم سرانجام ڪري پوءِ وڃي پنهنجي ڪم ڪار کي لڳي. جي ماڻهو انهيءَ ڪم ۾ سستي ڪندا سي ڏوهي ٿيندا. جيڪڏهن ڪن مسلمانن گڏجي اهو ڪم پورو ڪيو تہ سڀ تان بار لٿو، نہ تہ هر ڪو شهر وارو گنهگار ٿيو. سڀ ڪنهن مسلمان کي اهو ڪم ڪفن، غسل، جنازي جي نماز جو سکڻ گهرجي. ۽ ان جي سکڻ ۽ ڪرڻ ۾ عار نہ ڪجي.

ماڻهو هن ڪم کي بلڪل خسيس ڄاڻن ٿا ۽ ان جي ڪندڙ کي نياڻو ۽ ڏائڻ ڀائن ٿا. ايئن هن ڪري ٿيو آهي جو اڪثر غسل ڏيندڙ جو اهو حال آهي جو طمع جي ڪري هن جي نيت ڦري ويئي آهي. هو دل ۾ اهو خيال آڻيندا آهن تہ من ڪو معتبر ماڻهو مري تہ اسان جو وارو وري. تنهن ڪري ضروري آهي تہ ڪنهن ٻہ هڪ ماڻهوءَ کي انهيءَ ڪم لاءِ مقرر نہ ڪجي. سيڪو ماڻهو ان ڪم ۾ پاڻ کي ٻڌل سمجهي، ۽ ان ڪم کي خسيس ڪري نہ ڄاڻي. مطلب تہ سڀ ماڻهو گڏجي اهو ڪم پورو ڪن. پوءِ جيڪو لٿو ڪپڙو وغيره وارثن کي خيرات ڏيڻو هجي سو جنهن کي وڻين تنهن کي خيرات طور ڏيئي ڇڏين. خيرات هميشہ مسڪينن ۽ محتاجن کي ڏيڻ گهرجي. جيڪڏهن هن ڪم لاءِ خاص طرح هڪڙو ماڻهو مقرر ڪبو ۽ ان کي لٿا ڪپڙا وغيره ڏبا تہ هن جي نيت ڦري ويندي.

3) ڪي ماڻهو اڳواٽ ملن کي پئسا يا ڪپڙا باسي ختما ڪرائيندا آهن، ۽ چوندا آهن تہ هيترو ڪي هيترو توهان کي ڏينداسين. جيڪڏهن توهان اسان جي مائٽن کي ختمون پڙهي بخشيندو. اهو ختمي جو ثواب نڪي پڙهندڙ کي ملندو نڪي ميت کي رسندو، ڇو تہ ختمو پڙهڻ عبادت آهي، ۽ عبادت جو ثواب تڏهن ملندو جڏهن ان جو بدلو نہ ورتو ويندو، جي ان جو بدلو ورتو تہ ان جو ثواب برباد ٿيو. جيڪڏهن ڪنهن ملان ختمي پڙهڻ جا پيسا ورتا تہ هن کي ثواب نہ ملندو تہ وري بخشيندو ڇا؟ تنهن ڪري پيسا ۽ پڙهڻ اجايا ويا. مولانا عبدالحي صاحب پنهنجي فتويٰ ۾ لکيو آهي تہ قرآن شريف پڙهڻ جي محنت وٺڻ حرام آهي. هڪ يا ٻن ختمن جي عيوض هڪ ٻہ روپيا مقرر ڪرڻ ظاهر ظهور مزوري مقرر ڪرڻ آهي. مشڪوات شريف ۾ روايت آهي تہ جو شخص قرآن شريف پڙهڻ کي دنيا ڪمائڻ جو وسيلو ٿو ڪري. اهو شخص قيامت جي ڏينهن اهڙي شڪل سان اٿندو جو هن جي منهن تان گوشت ڪوريل هوندو. صاف هڏو هوندو. باقي جيڪڏهن انهيءَ وقت ڪي دوست ۽ مائٽ ازخود گڏجي بنا طمع جي ختمون پڙهي ميت کي بخشين تہ ان جو ثواب ميت


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

کي ملندو ۽ ختمي پڙهندڙ کي بہ اجر ملندو.

4) **ختمي يا ماني ڪرڻ جي رسم** - اها رسم هيءَ آهي جو ماڻهو ميت جي مرڻ کان پوءِ ٽئين ڏينهن تي يا تنهن کان پوءِ وڏو يت ڪندا آهن. جنهن يت تي پنهنجي عزيزن خوشين ۽ دوستن کي سڏ ڏئي گهرائيندا آهن. انهن ماڻهن کان پڇجي تہ اها ماني کهڙي نيت سان تا ڪيو. مٿن مائٽن کي ثواب ملڻ واسطي يا جيرن جي دل راضي ڪرڻ واسطي؟ جيڪڏهن هنن کي ثواب جو خيال آهي تہ اهو انهيءَ رواجي ختمي مان ملڻ محال آهي، ڇو تہ خيرات جا وڌيڪ حقدار آهن مسڪين ۽ محتاج، نہ رڳو مائٽ ۽ يار. هيءَ ڳالهہ بہ سڀ ڪنهن کي معلوم آهي تہ يت ۾ ڪنهن محتاج مسڪينن کي ڪونہ تا سڏين. اتفاقن ڪنهن غريب مائٽ کي برادريءَ جي سڏ ۾ تا سڏين نہ تہ اڪثر آسودن ماڻهن کي ناموس تا ڪارائين، يا جنهن يار دوست جو ڪاڄو هوندائون ان کي تا ڪوٺين، خاص طرح مسڪين جي ڪارائڻ جو ڪو بہ خيال ڪو نہ تا ڪن. جيڪڏهن ڪو مسڪين سائل ايندو اٿن تہ سڄو ڏينهن ڪين ٻاهر ٻيهاري گاريون ڏئي نيٺ اوبر جي ڪا ٿيلهي سندس منهن تي هڻندا آهن. جيڪي خيرات جا حقدار آهن تن کي در کان اندر نٿا ڇڏين، رڳو سڪٽي خوشامد تي ٻين ماڻهن کي زور زور ڪيو پيا سڏين. هيءَ ماني نہ پر جيئرن لاءِ ڪاني آهي، جو غريب مسڪين در تي دانهون پيا ڪن، ۽ ٻيا آسودا ماڻهو پيٽن جون پريون ڀڏيو سهڪندا پيا وڃن. عجب تہ اهو آهي جو انهيءَ هوندي بہ اهي ماني ڪندڙ ثواب جي اميد پيا رکن. ثواب تہ ثواب جي ماڳ اٿلندو الاهي عذاب جا لائق پيا ٿين. هنن کي گهرجي تہ اهڙا سڪٽا رياءَ وارا ختما نہ ڪن. قرآن شريف ۾ رياءَ ڪرڻ وارن لاءِ سخت تنبيهہ آهي. پر جي شخص چون تہ اسان کي ثواب جي نيت ڪانهي. اسان رڳو مائٽن جي خوشامد ڪئي آهي، تن کي چوڻ گهرجي تہ رڳي سڪٽي ناموس تي اجايو ڇو گهر ڦرايو، ۽ انهيءَ اسراف کان پاڻ کي شيطان جو ڀائر ڇو تا ٺهرايو، اهي پئسا مسڪينن يتيمن ۽ رنن زالن جي مدد لاءِ خرچ ڪيو تہ جيڪر اوهان جا مئل مائٽ ۽ اوهان پاڻ ڪيڏو نہ اجر لهو. حديث شريف ۾ آهي تہ جو شخص رنن زالن ۽ مسڪينن لاءِ ڪوشش ڪندڙ آهي سو الله تعاليٰ جي راهہ ۾ ڪوشش ڪندڙ وانگر آهي. ٻي حديث ۾ آهي تہ يتيم جي پرورش ڪندڙ بهشتي آهي، پوءِ اهو يتيم پنهنجن مان هجي توڙي ڪو ٻيو هجي. جيڪڏهن ڪو غريب ماڻهو ٿو ماني ڪري تہ انهيءَ کي ٻيو هيءُ نقصان ٿو پوي جو سدائين قرض پيرڻ جي ڳٽيءَ ۾ ٿو گذاري. اي مسلمانو ڀائرو! رسمن جي پابنديءَ ۾ ڇو تا ڳرو. ڇو نہ ٿا گهرج وارن جي مدد ڪرڻ ۾ پئسا خرچ ڪري الله تعاليٰ جل شانہ جو راضپو حاصل ڪريو.

5) جن ماڻهن جي گهر ۾ قضيو ٿيندو آهي اتي گهڻيون عورتون گڏ ٿينديون آهن، ۽ اچي رسمي روج پار شروع ڪنديون آهن. اها رسم پِٽڪي ۽ پارن جي بلڪل


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

بيجڙي آهي. هن وقت ۾ اهل مصيبت جي دلداري ڪجي ۽ انهن کي صبر ڪرڻ لاءِ سمجهائجي. نہ اٿلو پيٽو سور جاڳائجي. حضرت ابو سعيد روايت ڪئي آهي تہ حضرت نبي ڪريم ﷺ پار ڪيندڙ تي لعنت فرمائي آهي. هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪرڻ کان ٿورو اڳي نبي ڪريم ﷺ سيني عزيزن کي فرمايو تہ: منهنجي قضي وقت رئڻ پٽڻ کان پري پرهيز ڪجو. اي مومنو! حضرت ﷺ جن جي پيروي پوري طرح ڪريو تہ آخرت جي سعادت حاصل ڪريو.

## مقبرن جي زيارت ڪرڻ جي رسم

مقبرن جي زيارت ڪرڻ مردن لاءِ مستحب ۽ ثواب آهي بشرطيڪ غير شرعي ڪمن کان پرهيز ڪئي وڃي. قبر کي سجدو ڪرڻ، چمي ڏيڻ، سر جهڪائڻ هٿ گهمائڻ، اهل قبر کي پنهنجي ڪم جي پورائي جو مالڪ ڄاڻي حق تعاليٰ ڏانهن ڪجهه خيال نہ آڻڻ، پنهنجي حاجت اهل مقبري کان گهرڻ، ۽ ان جو نذر ۽ مڃتا پاڻ تي ڏرڻ، يا ڪو ٻيو اهڙو ناجائز ڪم هرگز ڪرڻ نہ گهرجي. زيارت جو مسنون طريقو هي آهي جو اهل مقبره جي اڳيان ويهي يا ويهي قرآن ڪريم پڙهي ختمون ڏجي. ان جي ۽ پنهنجي حق ۾ خير جي دعا گهرجي. مقبره جي زيارت مان خاص مطلب هي آهي تہ مقبره کي ڏسي موت کي ياد ڪجي، ۽ پنهنجي دل ۾ گناهن کي ياد آڻي توبهه ڪجي، ۽ پاڻ کي هئين چئجي تہ جيئن هي تنهنجا دوست قريب هتان لڏي ويا، تيئن توکي بہ هڪ ڏينهن لڏڻو آهي ۽ هي ملڪ ڇڏڻو آهي، اتي کي چڱا عمل ڪر نہ تہ پوءِ پيشيمان ٿيندين. هن آيت شريف جي مضمون کي ياد ڪرڻ گهرجي.

وَاَنْفِقُوْا مِنْ مَّا رَزَقْنٰكُمْ مِّنْ قَبْلِ اَنْ يَّاْتِيَ اَحَدَكُمُ الْمَوْتُ فَيَقُوْلَ رَبِّ لَوْ لَآ اَخَّرْتَنِيْٓ اِلٰٓى اَجَلٍ قَرِيْبٍ ۙ فَاَصَّدَّقَ وَاَكُنْ مِّنَ الصّٰلِحِيْنَ ۝١٠ وَلَنْ يُّؤَخِّرَ اللّٰهُ نَفْسًا اِذَا جَآءَ اَجَلُهَا ۭ وَاللّٰهُ خَبِيْرٌۢ بِمَا تَعْمَلُوْنَ ۝١١

ترجمو: ان شيءَ کي خرچ ڪيو جا اسان توهان کي ڏني ان کان اڳيئي جو توهان مان هڪڙي کي موت اچي ويجهو پوي. پوءِ چوي تہ اي رب منهنجا جي مون کي ٿوري وقت تائين مهلت ڏين تہ صدقو ڏيان ها. الله تعاليٰ هرگز ڪنهن شخص کي مهلت نٿو ڏئي، جڏهن ان جي موت اچي ٿو. جيڪي ڪيو ٿا سو الله تعاليٰ ڄاڻي ٿو.

مطلب تہ مرڻ جي وقت انسان گهڻو پيشيمان ٿو ٿئي، پر ان وقت پيشماني مان ڪجهه ڪين ٿو وري. جيڪي اڄ ڪرڻو آهي سو سڀان تي نہ وجهجي. الله تعاليٰ ٿو فرمائي تہ:

فَمَنْ يَّعْمَلْ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ خَيْرًا يَّرَهٗ ۝٧ وَمَنْ يَّعْمَلْ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ شَرًّا يَّرَهٗ ۝٨

ترجمو: جنهن چڱائي جو ذرو ڪيو سو ان ذري کي ڏسندو ۽ جنهن


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

بڇڙائيءَ جو ذرو ڪيو سو بہ ان ذري کي ڏسندو. مطلب تہ قيامت جي ڏينهن سڀ چڱائي مٺائي ظاهر ٿيندي.

اهڙيءَ طرح ويهي مقبري تي عبرت وٺجي، پنهنجي گناهن کان ندامت ڪجي، بيهودو وڃايل وقتن تي حسرت کائجي ۽ باقي حياتي چڱن عملن ۾ صرف ڪجي. حديث شريف ۾ پڻ انهيءِ ڳالهہ ڏي اشارو آهي.

فزوروها فانها تذكر الاخره

ترجمو: پوءِ انهن قبرن جي زيارت ڪريو ڇو جو تحقيق اهي قبرون آخرت جي يادگيري ٿيون ڏيارين.

تنهنڪري قبرن جي زيارت ڪرڻ ۾ فائدو آهي ۽ مٿي بيان ڪيل شرعي ڪمن کان پرهيز ڪجي، نہ تہ ثواب جي بدران اٽلندو نقصان ٿيندو ۽ گمراهيءَ ۾ پئبو. هيءَ ڳالهہ دل تي ضرور رکڻ گهرجي تہ عورتن کي هرگز مقبري تي وڃڻ نہ کپي. خصوصن اڄوڪي زماني ۾، جو عورتون جڏهن زيارت لاءِ نڪرن ٿيون، تڏهن شاديءَ وانگر وڳا ويس پهري هار سينگار ڇٽڪار ڪري وڃن ٿيون، ۽ وڏن ميلن ۾ حاضر رهن ٿيون. جنهن شخص کي اسلامي غيرت آهي سو اهڙي ڪم کان بيزار ٿيندو، ۽ هرگز زالن کي اهڙين مجلسن ۾ وڃي نہ ڏيندو. ابوهريره روايت ڪئي آهي تہ تحقيق رسول الله ﷺ قبرن جي زيارت ڪندڙ زالن تي لعنت فرمائي ٿو. خدا ڪري مومنياڻن کي ان ڪم کان پناهہ ڏئي، پيو ڪُلي منهن بي حجاب زالن جو عام مجلسن ۾ وڃڻ اسلامي طريقن کان ٻاهر نڪرڻو آهي. خدا ۽ خدا جي رسول ﷺ جو ستر بابت گهڻو تاڪيد آهي. هن بابت اڳي ئي هڪ آيت ڏني ويئي آهي ۽ پيون بہ ڪيتريون آيتون، حديثون ۽ بزرگن جون فتوائون ستر جو خاص تاڪيد ٿيون ڪن.

اي عزيزو! شال الله تعاليٰ توهان کي هدايت ڪري. توهان کي جڳائي تہ پنهنجي خالق جي فرمانبرداري ڪيو، ۽ رسول ڪريم ﷺ جي روش موجب پير ڌريو ۽ جاهلن ۽ نادانن جي ريس ڪري گمراهيءَ جي کُن ۾ نہ ڪرو. الله تعاليٰ جل شانہ فرمايو آهي تہ:

وَمَنْ يُّطِعِ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ فَقَدْ فَازَ فَوْزًا عَظِيْمًا ﴿٧١﴾

ترجمو: جنهن شخص الله ۽ الله جي رسول ﷺ جي فرمانبرداري ڪئي تنهن تحقيق وڏي فتحمندي حاصل ڪئي.

خداوندا! تون اسان سيني مسلمانن کي پنهنجي اطاعت ۽ رسول ڪريم ﷺ جي متابعت جي توفيق عطا ڪر ۽ ڪامل ايمان بخش ۽ خاتمہ و باالخير ڪر. آمين ثم آمين.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

**نوٽ:** مٿين رسمن جي بيان مان معلوم ٿيندو ته مسلمانن جا ڪيترائي پئسا بلڪل ضايع ٿا ٿين. جن مان نڪو دنيائي فائدو ٿو ملين نڪي آخرت جو. جيڪڏهن اهي پئسا مسلمان مسڪين شاگردن کي ڏين يا تعليمي چندن ۾ ڏين ته جيڪر اسان جي پوئتي پيل قوم کي به فائدو ٿئي، ۽ خدا وٽ به اجر ملي. ڇو نه ائين نذر باسجي ته اي خدا منهنجي فلاڻي مراد پوري ڪر ته مان هيترو ڪي هيترو تعليمي ڪمن ۾ خيرات ڪندس. ڇو نه پٽ ڄمڻ وقت، طهر وقت، شاديءَ وقت ۽ مرڻ بعد جيڪي پئسا اجايا خرچ ٿا ڪجن سي به تعليم جي واڌاري لاءِ صرف ڪري ثواب حاصل ڪجي. اميد آهي ته زميندار ۽ شاهوڪار آئينده ائين ڪندا ۽ ٻين لاءِ مثال ٿيندا.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# اهل حق ۽ قرآن مجيد جي مخالفت

سنڌ ۾ ڪي نيم خوانده ۽ خود غرض ماڻهو وهابيت جو يوت ڪڙو ڪري سنڌ جي جاهل مسلمانن کي قرآن ۽ حديث کان پري رکي گمراه ڪري رهيا آهن. در حقيقت نڪي آهن فرقا نڪي آهن اختلاف. جيڪڏهن فرقا آهن ته فقط ٻه آهن. هڪڙو عالمن ۽ عاقلن جو ۽ ٻيو جاهلن ۽ خود غرضن جو ۽ بس. اسان جو قرآن ٻه هڪ ۽ رسول ٻه هڪ پوءِ فرقا ڇا جا؟ سچو اسلام اُهو آهي جنهن تي رسول ﷺ ۽ سندن اصحابن سڳورن عمل ڪيو. اسان سيئي انهن جي مذهب تي هلون ته فرقا هجن ئي ڪو نه نڪي جهڳڙا هجن. اوائلي مسلمانن سچي اسلام تي عمل ڪري اخلاقن، عملن، هنرن، دولت ۽ حڪومت ۾ سڀني کان سرفراز ٿيا. مگر پويان مسلمان سچي اسلام کي ڇڏي فرقا ٺاهي خدا پرستي ڦٽي ڪري ذليل ۽ تباه ٿي ويا.

جيڪي ماڻهو ٻين کي وهابي سڏي رهيا آهن، سي گهڻو ڪري خود غرض آهن. جهڙوڪ پيشه ور ملان، مجاور ۽ پينو فقير. انهن جو گذران ۽ انهن جو وقار آهي ئي ٻين جي ڪمائي تي. اهي ماڻهو هزارين حيلن ۽ مڪرن سان ۽ خود ساخته عقيدن ۽ بدعتن ۽ بدرسمن پيدا ڪرڻ سان سڀني مسلمانن کي ڦري عيش عشرتون ٿا ڪن. مسڪينن، يتيمن، رنن زالن جو مال ٻه هڪ ڳيت سان ڳهي وڃن. حرام حلال ڏي ٻه اصل ڪين ڏسن. رشوت ڪائيندڙن، پرائو حق ڪائيندڙ، چوريون ڪرائيندڙ، قرض ۾ مبتلا رهندڙن جي دعوتن ۽ نذرانن هضم ڪرڻ کا ٻه ڪين ٽرن. سرڪار ٻه انهن لاءِ ته جيل خانا کولي ڇڏيا آهن جي ڪڏهن ڪڏهن رات جي وقت لڪي لڪي چوريون ٿا ڪن، يا ڌاڙا ٿا هڻن. پر اُهي وڏا وڏا ڌاڙيل جي روزمره ڪليو ڪلايو ڏينهن ڏٺي جو مڪرن ۽ ٺڳين سان لکن جا ڌاڙا هڻن تن لاءِ پينل ڪوڊ قائم ئي ڪو نه رکيو اٿس. مريد ڪهڙا ٻه بي دين ۽ بد اخلاق هجن پر دعوت ڪارائن ۽ نذرانا ڏين ته پوءِ اُهي ڏاڍا پيارا ٿا لڳن. ڪائونسل جي ميمبري ۽ ضلع بورڊ جي پريزيڊنٽي لاءِ انهن جي مدد ڪئي ٿي وڃي جي هزارن کان مٿي نذرانو پيش ڪن. پوءِ اُهي لائق هجن ته ڇا جي نالائق ۽ قوم جا دشمن هجن ته ڇا! قرآن شريف ۾ جيترا پيرا نماز جو حڪم آهي. تنهن کان ڪم از ڪم ٻيڻ پيرا خدا جي راه ۾ خرچ ڪرڻ جو حڪم ڪيل آهي پر


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

هڪڙو رڪوع ته خاص طرح ان بابت آهي ته هرگز نيڪي کي پهچي نتا سگهو جيستائين نه تا خرچيو ان کي جنهن کي حب (محبت) تا ڪيو.

چئبو ته فقط خدا جي راهه ۾ خرچ ڪندڙ يعني ٻين کي ڏيندڙ ئي نيڪ آهن. پوءِ جيڪي پاڻ ڪمائين ئي ڪون ۽ ٻين کي ڏيڻ بدران ٻين کان وٺي عيش عشرت ڪن، انهن کي نيڪين جي ابتڙ نه چئجي ته ڇا چئجي؟ اڄ ڪلهه جهل به ايترو وڌي ويو آهي جو ڀلارا به اُهي سمجهيا ٿا وڃن، جيڪي قوم کي پيڙي سچو به ڪن ۽ قرآن حديث ۽ اسلام کان جاهل رکي بيدين ۽ بداخلاق ڪن. پيغمبر سڳورا پاڻ ڪمائيندا هئا ۽ ڪنهنجو احسان نه کڻندا هئا ۽ پنهنجي تبليغ جي سچائي ثابت ڪرڻ لاءِ اهو ئي دليل پيش ڪندا هئا ته ”اسان جيڪي توهان کي سيکاريون ٿا تنهن لاءِ ڪو اجر يا عيوضو ته ڪو نه ٿا گهرؤن !“

امام اعظم سڳورو به واپار ڪندو هو ۽ پنهنجي دولت مان بي انداز سخاوت ڪندو هو. هاڻي جيڪي ماڻهو ٻين جي ڪمائي تي گذران تا ڪن تن جي تبليغ ۽ فتوائن تي ڇو اعتبار ڪجي؟ خود غرض ماڻهو جي شاهدي توڙي راءِ قبول ناهي. شريعت ۾ توڙي ڪورٽن ۾ اهو قانون آهي. ڪائونسلن ۽ ميونسپالٽين ۽ بورڊن ۾ اهو قانون آهي ته جنهن ممبر جو ڪنهن سوال سان ذاتي واسطو آهي سو ان سوال تي ووٽ نه ڪري. ڪنهن به پير يا عالم يا درويش کي هرويرو هر حالت ۾ برحق سمجهڻ خدا پرستي جي خلاف مردم پرستي آهي. قرآن شريف ۾ يهودين به نسبت فرمايل آهي ته هو خدا تعاليٰ جي بدران پنهنجي عالمن کي رب ڪري تا وٺن. يهودي پنهنجي عالمن کي رب ڪو نه سڏيندا هئا. پر جيڪي اُهي چوندا هئا سوئي قبول ڪندا هئا. ايئن ڪرڻ آهي انهن کي رب سمجهڻ. سنڌ جي عوام الناس مسلمانن کي منهنجي زوردار استدعا آهي ته هو پيرن ۽ عالمن ۽ درويشن کي رب ڪري نه وٺن، پر ڪوشش ڪري پاڻ خدا جا حڪم معلوم ڪن ۽ انهن تي هلن.

خدا جا حڪم ۽ خدا جي سيکاريل تعليم قرآن شريف ۾ آهي ته الله تعاليٰ جي رسي (يعني قرآن شريف) کي مضبوط جهليو ۽ فرقا نه ٿاهيو ! حضور ﷺ پنهنجي آخري حج جي مشهور خطبي ۾ وصيت ڪئي ته مان توهان ۾ به شيون ڇڏيون ٿو وڃا ! هڪ قرآن ٻيو منهنجي سنت. جيڪو انهن کي چنبڙي پوندو سو گمراه نه ٿيندو. پر جيڪي خود غرض ٻين کي وهابي سڏي رهيا آهن سي چون ٿا ته قرآن شريف معنيٰ سان نه پڙهو ! هو سمجهن ٿا ته جيڪڏهن ماڻهو قرآن شريف معنيٰ سان پڙهندا ته پوءِ اسان کي پڇندا به ڪو نه. هو چون ٿا ته قرآن شريف رڳو ثواب لاءِ پڙهجي مگر عمل لاءِ فقه ڪافي آهي. جيڪڏهن فقه ڪافي آهي ۽ قرآن ۽ حديث جي ضرورت ئي ڪانهي ته پوءِ الله تعاليٰ قرآن شريف ڇو نازل ڪيو. ڇو نه اهو موجوده فقه شريف نازل ڪيائين. حقيقت هي آهي ته اسلام جو روح، اسلام جي جان ۽ جوهر جو قرآن شريف ۾ آهي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

سو فقه شريف ۾ اچي نٿو سگهي. هو سمجهن ٿا ته ماڻهو فقه ته هونئن ئي ڪو نه پڙهندا تنهنڪري انهيءَ تجويز سان قرآن ۽ حديث کان به ماڻهن کي روڪي ٿا ڇڏين. حقيقت هي آهي ته قرآن شريف ۾ سڀ مکيه هدايتون موجود آهن ۽ فقط ڪي فروعي ڳالهيون ڇڏيل آهن جي وري حديثن ۾ موجود آهن. جيڪي ماڻهو فقط فقه جي نالي تي نه رڳو اهل حديث وارن پو خود پڪن حنفي عالمن کي وهابي سڏي رهيا آهن سي در حقيقت حنفي فقه جا به دشمن آهن. جيڪي ئي غلط عقيدا بدعتون ۽ بدرسمون پيدا ڪيون اٿن تن لاءِ فقه ۾ به ڪا سند ڪانهي. پوءِ اهو لاچار ڪوڙيون حديثون ٺاهي پنهنجو بچاءِ ڪندا آهن.

قرآن مجيد جي برخلاف ٻيو دليل هي ڏيندا آهن ته قرآن شريف سمجهڻ ڏکيو آهي. تنهنڪري جيڪو معنيٰ سان پڙهندو سو گمراه ٿيندو. مگر الله تعاليٰ پاڻ ٿو فرمائي ته قرآن شريف بالڪل سولو آهي. اوائلي زماني ۾ مسلمانن جي هدايت لاءِ فقط قرآن شريف (بنا تفسير) جي اشاعت ڪئي ويندي هئي. قرآن شريف کي ڏکيو به انهن پاڻ بنايو جو آيتن سان ڪوڙيون روايتون شامل ڪري پنهنجا تاويل ٺاهي پنهنجون معنائون ڪيون اٿن ورنه قرآن شريف جي ڇٽين آيتن (محڪمات) جي معنيٰ اُها ئي صحيح آهي جا سئين سڌي ترجمي مان بالڪل ظاهر آهي. بيشڪ ڪي آيتون متشابهات آهن. عوام الناس کي گهرجي ته انهن کي ڇڏي ڏين يا ٻي غرض عالمن کان پڇي ڏسن سنڌ جي مسلمانن کي منهنجي زوردار استدعا آهي ته هو قرآن ۽ حديث کي نه ڇڏين. الله ۽ الله جي رسول جي حڪمن کي ڦٽي نه ڪن ۽ خدا پرستي جي بدران مردم پرستي نه ڪن. ڪين گهرجي ته قرآن شريف ترجمي ۽ تفسير سان يا رڳو ترجمي سان پڙهن ۽ روزمره پڙهن.

ٻي استدعا هي آهي ته دين به نسبت انهن زبردست عالمن سان گفتگو ڪن جيڪي عربي چڱيءَ طرح ڄاڻن. ٻي غرض ٻي ڊپاهجن. پوءِ به هرويرو انهن تي اعتبار نه ڪجي پر تحقيق هئڻ ڪجي جو ڪانئن اُهي آيتون يا حديثون لکائي وٺجن. پوءِ وجي اُهي ٻين عالمن کان ڪڍائي انهن جو ترجمو ڪرائين. ٻي ضروري هدايت هي آهي ته پوئين زماني جا تفسير اڪثر غير معتبر ۽ ردي آهن ۽ اوائلي تفسير وڏيڪ معتبر آهن مگر هاڻي اردو ۾ گهٽا ئي چڱا تفسير ڇپيا آهن جي اڳوڻن تفسيرن ۽ حديثن سان موافق آهن.

استدعا اها آهي ته هي اصول هميشه ياد رکڻ هجي ته اسلام جا عقيدا ۽ عمل سڀ اهڙا آهن جي ڪامل عقل تي ٻڌل آهن ۽ اهڙا آهن جو انهن جي ڪري قوم جو سڌارو ۽ ترقي ٿي ٿئي. الله تعاليٰ جيڪي حڪم ڏنا آهن سي اسان کي تڪليف ڏيڻ لاءِ نه ڏنا آهن پر اسان جي بهبودي ۽ سڌاري لاءِ ڏنا آهن. ڪي پليل ماڻهو چوندا آهن ته هن دنيا ۾ مؤمنن لاءِ مصيبتون آهن مگر آخرت ۾ انهن جي عوض بهشت ملندو. ائين هرگز


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ناهي. انهي ڳالهه جي چتائي خود قرآن شريف ۾ بار بار ٿيل آهي. قرآن شريف تي هلڻ ڪري اسان کي دنيا جون بہ سڀ نعمتون نصيب ٿينديون. ۽ آخرت جون بہ. اسلام جي تعليمات تي هلڻ ڪري بدني صحت ۽ تندرستي ۽ طاقت وڌي ٿي. اخلاق اعليٰ تا ٿين ۽ مالي ۽ ملڪي ترقي حاصل ٿئي ٿي. ۽ انهن تي نہ هلڻ ڪري مرضَ، سجائي، ذلت ۽ مصيبتون نازل ٿين ٿيون. خاص طرح اسلام جو مقصد آهي نيڪ اخلاق. نيڪ اخلاقن ۾ وري بهترين خلق آهي ٻين تي رحم ڪرڻ. سيني کان بهتر انسان اُهو آهي جو ٻين تي رحم ڪري ۽ ٻين کي فائدو پهچائي. سيني کان بدترين انسان اُهو آهي جو جو ٻين تي ظلم ڪري يا ٻين جو نقصان ڪري. حديث آهي تہ ”الله تعاليٰ انهن تي رحم نٿو ڪري جي ٻين انسانن تي رحم نٿا ڪن.“

مان ڪنهن بہ فرقي جو ماڻهو ناهيان. منهنجو ڪنهن سان بہ اختلاف ڪونهي. منهنجو اختلاف فقط انهن سان آهي جي ماڻهن کي قرآن شريف ۽ حديث کان منع ٿا ڪن. مان فقہ شريف جي مخالفت بلڪل ڪونہ ٿو ڪريان. فقہ شريف جو تہ رڳو بهانو ڪري ماڻهن کي قرآن شريف ۽ حديث کان بہ محروم رکيو ٿو وڃي. خدا جي واسطي قوم تي رحم ڪيو ڪين الله جي ڪلام ڏي رجوع ڪيو. جيڪڏهن قرآن شريف سمجهڻ ڏکيو آهي تہ سليس ۽ بامحاوره سنڌيءَ ۾ ان جو ترجمو ڪيو. جتي ضرورت هجي اُتي مختصر سمجهاڻي بہ لکو. حديثن لاءِ سيني کان وڌيڪ صحيح ۽ معتبر ڪتاب صحيح بخاري آهي. ماڻهن کي هدايت ڪيو تہ اُهو معنيٰ سان پڙهن. جيڪڏهن ان ۾ ڪي حديثون ضعيف آهن تہ انهن کي ڪڍي ڌار ڪريو. وڏي ڳالهه هي آهي تہ قوم ۾ محبت ۽ خير خواهي جو انگ پيدا ڪيو اتفاق ۽ نظام قائم ڪيو. بداخلاق ڪڍي اعليٰ اخلاق سيکاريو ۽ بدرسمون ڪڍي قوم کي مالي ۽ ملڪي ترقي وٺارايو. هن وقت عمل جي سخت ضرورت آهي. فروعي اختلافن سان قوم جو ٻيڙو غرق نہ ڪريو !

منهنجو ويساهه آهي تہ قوم ۾ ڪجهہ قدر سجاڳي پيدا ٿي آهي. هو هاڻي پاڻ قرآن شريف حديثون معنيٰ سان پڙهي سچي اسلام تي عمل ڪندا ۽ مطلبي ماڻهن تي اعتبار نہ ڪندا. جيڪي ماڻهو قرآن ۽ حديث جا مخالف آهن سي الله ۽ الله جي رسولﷺ جا دشمن آهن. مسلمانن ۽ اسلام جا ويري آهن، بلڪ وڏي ۾ وڏا دشمن پنهنجا آهن. الله تعاليٰ ڪين چڱي مت ڏئي ۽ قرآن ۽ حديث ڏي رجوع ڪري ! آمين

*(توحيد نومبر 1935ع)*


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# هاڻوڪو تصوف

موجوده تصوف جا طريقا گهڻائي آهن. جن مان ڪي اهڙا آهن. جن بہ نسبت وڏن وڏن عالمن بزرگن کان معلوم ٿيو آهي تہ اُهي حضرت رسول ﷺ جن يا اصحابن سڳورن رضي الله عنهم جن نڪي سيکاريا نڪي عمل ۾ آندا. مگر مثال لاءِ هت فقط ڪي بہ ٽي بيان ڪندس. جن ڪي وڏيڪ معلوم ڪرڻا هجن سي جناب پير حڪيم ارشاد الله شاهہ صاحب ساڪن لعلورانئڪ لڳ وڳڻ تعلقہ واره وٽان سندن تصنيف ڪيل ڪتاب ارشاد المعرفت گهرائي پڙهي ڏسن.

(1) طالب وضو ڪري رو قبلہ دوزانو ٿي وهي ۽ اکيون بند ڪري مرشد طريقہ ۽ پير حقيقت جي ڪان مدد گهري. قلب ڪي متوجہ الي الله ڪري لفظ لا جلي ناف ڪان چڪي دماغ تائين پهچائي ۽ اتاهون لفظ "الا" ڪي هيٺيون سڄي ٻبي تي آٽي ضرب هئي. وري ڪلمي الا الله جي دل تي ضرب هڻي لفظ لا الٰ چوندي وقت ماسوي الله جي نفي جو خيال دل ۾ ڪري ۽ لفظ الا الله جي چوڻ وقت اثبات ذات جو دل ۾ خيال ڪري. اهڙي طرح انهيءَ ڪلمي جو ذڪر هڪ هزار ڪان گهٽ نہ ڪري. جڏهن تعداد مٿيون پورو ٿئي تہ ان وقت اهڙو تصور ڪري جو چنڊ جي چاندوڪي جهڙي نور سڄي جهان ڪي گهيري ورتو آهي. انهيءَ خيال ۾ دل ڪي ايتري قدر جهلي جو خود طالب ڪي لذت اچڻ لڳي ۽ انس پيدا ٿئي.

پوءِ ساڳي نموني لفظ ”الا الله“ جو ذڪر هزار دفعا ڪري تہ ساڳي طرح فقط ٿورو ٿورو تفاوت آهي. سال ڪن ائين ڪرڻو آهي. پر جيڪڏهن مرشد فيض باطني وارو هجي تہ جلد با آسانيءَ سان منزل ڪي پهچي سگهي ٿو. مگر پير صاحب جن ارمان ظاهر ٿا ڪن تہ اڄوڪي زماني ۾ ڪامل ۽ فياض مرشد جو هٿ اچڻ گهڻو مشڪل آهي.

ذڪر نماز ڪان وڏيڪ آهي چو تہ نماز پاڻ ذڪر آهي. مگر مطلب اهو آهي تہ سڀ ڪان وڏيڪ ڳالهہ آهي خدا تعاليٰ جي يادگيري. يعني هر وقت الله تعاليٰ ڪي ياد ڪرڻ ۽ ان جي حڪمراني تي عمل ڪرڻ. هاڻي علمائن سڳورن ڪي منهنجو عرض آهي تہ هڪ هڪ ڪارڊ مون ڏي لکي موڪلين جنهن ۾ مختصر طور هنن سوالن جو


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

جواب ڏين. (1) متيان طريقا حضرت جن ﷺ ۽ اصحابن سڳورن سيکاريا ۽ عمل ۾ آندا آهن يا نہ ۽ قرآن ۽ معتبر حديثن ۽ فقہ ۾ انهن جو بيان آهي يا نہ ؟ (2) انهن طريقن تي عمل ڪرڻ ۾ ڪيترو فائدو آهي؟ (3) انهن طريقن جو ذاتي تجربو پرايو اٿن يا نہ ؟

مون ڪي ذاتي تجربو ڪونهي مگر پنهنجي ناقص عقل ائين ٿو اچي تہ اهي طريقا ذڪر نہ آهن. پر هڪڙي قسم جي قلبي ورزش آهن ۽ تصور آهن. انهن جي وسيلي ڪرشما بہ ڪري سگهجن ٿا جيئن يوگ ۽ مسمريزم وارا بہ ڪري سگهن ٿا. انهن مان هڪ قسم جي لذت بہ حاصل ٿئي ٿي جا لذت يوگ وارن ڪي بہ حاصل آهي.

جيئن بدني ورزش ڪرڻ سان پهلوانيءَ جا ڪرشما يا بازيون ڪري سگهجن ٿيون ۽ تندرستي واري لذت پڻ حاصل ٿئي ٿي تئين قلبي ورزش ڪرڻ سان قلبي ڪرشما ڪري سگهجن ٿا ۽ قلبي طاقت جي لذت حاصل ٿئي ٿي. مگر مذهب سان انجو ڪو تعلق ڪونهي. جيڪا روحاني لذت شريعت جي پابندي ۾ الله تعاليٰ جي محبت ۽ دل جي صفائي سان حاصل ٿئي ٿي سا بلڪل ٻي شيءِ آهي. والله اعلم بالصواب.

آخر ۾ مان ڪي ڳالهيون وڌيڪ بہ آڻيان ٿو جي هن مضمون سان گهرو تعلق ٿيون رکن. اڄ ڪلهه جاهلن مسلمانن شيعن توڙي سنين هندن توڙي ٻين پنهنجي پنهنجي دين ڪي هڪ منتر ڪري سمجهيو آهي. الف ليليٰ ۾ علي بابا جي ڳالهه آهي تہ 40 چور پنهنجو مال هڪ جاءِ ۾ رکندا هئا ۽ ان جو دروازو فقط هڪڙي لفظ چوڻ سان کلي پوندو هو ۽ وري لفظ چوڻ سان بند ٿي پوندو هو. ان ڳالهه وانگر گهڻن جو خيال آهي تہ اسان رڳو ڪلمو شريف پڙهنداسين تہ بهشت جا دروازا کلي پوندا. ڪي وري چون ٿا تہ جن امامن پيرن لاءِ گهوڙهو ڳاڙيو تن لاءِ دوزخ حرام آهي. ڪي وري چون ٿا تہ جيڪو لواري واري پير جي جهندي هيٺ ايندو سو ڇٽل آهي. ڪي وري چون تہ جيڪو حضرت عيسيٰ کي خدا جو پٽ سمجهي ۽ ايمان آڻي تہ اسان جي گناهن جي ڪفاره لاءِ صليب تي چڙهيو سي ڇٽل آهن. ٻيا سڀ دوزخ ۾ ويندا. مگر قرآن شريف چٽو چٽو فرمائي ٿو تہ بهشت ۾ اهي ويندا. (امنوا وعملوا الصالحات) جي ايمان بہ آڻيندا ۽ عمل بہ چڱا هوندا. پاڻ فرمايو اٿن تہ مان اخلاقي خوبين ڪي ڪماليت وٺائڻ لاءِ نبي ٿي آيو آهيان. قرآن شريف سڀ گناهن کان پرهيز ڪرڻ ۽ چڱن عملن ڪرڻ جي ترغيب ٿو ڏئي. سيني کان وڏا گناهه آهن ٻين تي ظلم ڪرڻ ۽ سيني کان چڱا ڪم آهن ٻين سان ڀلايون ڪرڻ. الله تعاليٰ ٿو فرمائي:-

لَنْ تَنَالُوا الْبِرَّ حَتّٰى تُنْفِقُوْا مِمَّا تُحِبُّوْنَ ۔ يعني توهان تيستائين نيڪي ڪي پهچي نٿا سگهو جيستائين انهن شين ڪي (خدا جي راهہ ۾ گهرج وارن سان ڀلائي ڪرڻ ۾) نہ خرچ ڪيو جيڪي توهان کي پياريون آهن. اسلام جون سڀ هدايتون ڪمال عقل تي ٻڌل آهن ۽ هي اسان جي بدني، اخلاقي، دماغي ۽ مالي ترقي لاءِ ڪامل هدايتون آهن.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

انهن تي عمل ڪرڻ سان اسين وري بہ انهيءَ اوج کي رسي سگهون ٿا. جنهن اوج تي اوائلي مسلمان پهچي ويا. اسلام جي سچي سيرت سمجهڻ لاءِ منهنجو عرض آهي تہ سنڌ ۾ جيڪي ئي ماڻهو اردو پڙهي سگهن ٿا سي مولانا حالي جو مسدس گهرائي پڙهن. اهو ڪتاب سڀ ڪنهن فرقہ ۽ سڀ ڪنهن خيال جي ماڻهوءَ وٽ مقبول آهي. بلڪ ڪن يورپي ٻولين ۾ بہ ان جو ترجمو ٿيل آهي.

پڇاڙي ۾ منهنجو هي عرض آهي تہ اختلاف راءِ سببان ڪنهن کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ ۽ وهابي يا منڪر يا ڪافر ڪوٺڻ چڱو نہ آهي. جيڪڏهن مخالف راءِ وارو حق تي آهي ۽ فقط گهٽ وڌ ڳالهائڻ وارن ڪان ڊڄي پنهنجي راءِ ظاهر نہ ڪري تہ ڪيڏو نہ دنيا کي نقصان ٿيو. پر جيڪڏهن سندس راءِ غلط آهي تہ بہ جيستائين اُها راءِ ظاهر نہ ڪندو تيستائين ڪئن ڪيس ۽ ٻين هم خيال ماڻهن کي پنهنجي غلطي معلوم ٿيندي. چڱو ائين آهي تہ بحث حق کي پروڙڻ جي نيت سان ڪجي. بلڪ ٿڌي دل سان ۽ شفقت جي نموني تهذيب جي حد اندر دليل ڏيڻ گهرجي. ظرافت ۽ ٺوڪبازي ڪرڻ ٻئي کي گمراه يا جاهل يا بيوقوف ڪوٺڻ ۽ ٻي طرح لعنت ملامت ڪڻ حق جي اشاعت کي آڏو ٿا اچن. حضرت رسول ﷺ جن ڪافرن سان بلڪ وڙهندڙ ۽ ظالم ڪافرن سان اهڙي طرح پيش ايندا هوا جهڙي طرح اڄ پائر پائرن سان بہ پيش نہ ٿا اچن. رڳو يهودي جو جنازو لگهندو هو تہ پاڻ اٿي بيهندا هئا. اڄ ڪلهہ تعصب تمام وڌي ويو آهي ۽ مسلمان، مسلمانن کي ڪافر ۽ گمراهہ سڏي رهيا آهن. جهيڙو ۽ فساد ڪري رهيا آهن. خود قرآن شريف ۾ الله تعاليٰ رسول الله کي فرمائي ٿو، چئو انهن عيسائين کي تہ اچو تہ هڪ ڪلمي تي متفق ٿيون تہ الله هڪ آهي. ساڻس ڪو بہ شريڪ ڪونهي. ڏسو تہ رڳو هڪ مڪيہ ڳالهہ تي اتفاق ڪرڻ لاءِ تاڪيد ڪيل آهي! اسان مسلمان تہ سيئي توحيد، رسالت، قرآن شريف ۽ حديثن جا قائل آهيون. پوءِ ڇو هڪ ٻئي سان جهيڙن ۾ لڳي ويا آهيون؟ جيڪڏهن اسان قرآن شريف کي سمجهڻ ۾ لڳي وڃون ۽ ان تي عمل ڪريون ۽ پنهنجو سڌارو ڪريون تہ ازخود ئي متفق ٿي وڃون.

*(توحيد اپريل مئي 1936ع)*


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

# وهابي ڪنهن کي ٿا ڪوٺين؟

تازو هڪ ماڻهوءَ مان کان پڇيو تہ وهابي ڪنهن کي ٿا چون. مون چيو تہ سڀ ڪنهن چڱي ماڻهو کي وهابي ڪوٺيو ٿو وڃي. مثلن جيڪو بہ جاهل چڱي علم واري سان ڪنهن بہ فروعي يا خسيس ڳالھ تي اختلاف ٿو ڪري تہ ان کي هڪدم وهابي جو لقب ڏئي ٿو ڇڏي. اڳي تہ ڪافر جو خطاب ڏنو ويندو هو. پر وري بہ شڪر آهي جو هاڻي ڪافر جي بدران وهابي لفظ جو استعمال گھٽو تي ويو آهي.

ڏسو تہ هندوستان جي مشهور مدرسي ديوبند جي سني حنفي زبردست عالمن کي پڻ ڪن مولوين ڪافر ۽ مرتد ڪوٺيو آهي. پوءِ وهابي ڪوٺڻ ڪهڙي ڳالھ آهي. تاهم مختصر طور هيٺيون نشانيون ڏجن ٿيون.

1) وهابي انهن کي سڏيو ٿو وڃي جي حضرت رسول ﷺ ۽ صحابن سڳورن رضي الله عنهم جي دين ۽ روش تي ٿا هلن ۽ انهن کي وهابي اهي ٿا ڪوٺين جي ڪتاب الله ۽ سنت رسول الله کي ڇڏي پوين صدين جي هٿرادو ناهيل دين تي ٿا هلن.

2) وهابي انهن کي ڪوٺيو ٿو وڃي جي ديني توڙي دنيوي علم ۽ عقل تي گھڻو زور ٿا ڏين ۽ انهن کي وهابي ڪوٺيندڙ نڪي علم جي شوق رکن نڪي ٻين کي علم پرائڻ جي ترغيب ڏين. هو چوندا تہ جيڪو گھڻو علم ٿو پڙهي سو وهابي ٿي ٿو پوي.

3) وهابي انهن کي سڏيو وڃي ٿو جي قرآن شريف کي معنيٰ سان پڙهن ۽ ان تي عمل ڪرڻ تي زور ٿا ڏين. انهن جا مخالف وري چون ٿا تہ قرآن شريف معنيٰ سان نہ پڙهن ڇو تہ اهو ڏکيو آهي ۽ ڪنهن کي سمجھ ۾ نہ ايندو سواءِ ڪن وڏن عالمن جي. تنهنڪري قرآن شريف بنا معنيٰ ۽ بنا سمجھڻ جي پڙهڻ گھرجي. فقط تبرڪ ۽ ثواب لاءِ پڙهجي. مگر هدايت ۽ عمل لاءِ فقہ شريف ۽ ٻيا عالمن جا لکيل ڪتاب ڪافي آهن. در حقيقت قرآن شريف بالڪل سليس ۽ سولي زبان ۾ لکيل آهي. خود قرآن شريف بالڪل سولو آهي ۽ ان جون هدايتون بالڪل چٽيون آهن. اهو ئي سبب آهي جو قرآن شريف بنا ڪنهن سمجھائي ۽ تفسير جي سيني عربن، پڙهيلن توڙي اڻ پڙهيلن کي ٻڌايو يا ياد ڪرايو ويندو هو.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

جيئن ته عرب جا ماڻهو قرآن شريف جي عربي ٻولي سمجهندا هئا تنهن ڪري بنا سمجهاڻي جي قرآن شريف پڙهندا ۽ ان تي عمل ڪندا هئا. نه رڳو عربن ۾ پر عجمي ماڻهن ۾ قرآن شريف جي اشاعت عام جام بنا تفسير جي ڪئي ويندي هئي. پر پوءِ اهڙو زمانو آيو جو يونان جي فلسفي ۽ نون زمانن جي نون خيالن جي اثر هيٺ اچي قرآن شريف جي الفاظن کي مروڙي سروڙي غلط معنائون ڪڍيائون ۽ آيتن سان ڪوڙيون روايتون ۽ هٿرادو ناهيل حديثون شامل ڪري بالڪل نوان خيال ۽ عقيدا پيدا ڪري ورتائون. جنهن ڪري ئي بيشمار فرقا ۽ اختلاف پيدا ٿي ويا. عام ماڻهن جي جهل ۽ ٻين سببن ڪري بدعتون ۽ نوان خيال ۽ نوان عقيدا ۽ نيون رسمون رواج ۾ اچي ويون جن جي پاڙ پٽڻ لاءِ پوءِ به قرآن شريف ڪافي هو ۽ آهي. گمراهه مولوين اجا به وڏيڪ گهات گهڙيا جيڪي چٽيون آيتون پوءِ به سندن خيالن ۽ عقيدن ۽ رسمن وغيره جي آڏو پيئي آيون. تن به نسبت يا ته چوندا هئا ته منسوخ آهن يا ته چوندا هوا ته انهن جي اندروني ۽ صحيح معنٰي ٻي آهي جا توهان کي سمجهڻ ۾ نه ٿي اچي حقيقت ۾ قرآن شريف جي چٽين آيتن (محڪمات) جي جيڪا ظاهري معنيٰ آهي اها ئي صحيح آهي. ڪنهن آيت يا ان جي ڀاڱي کي جدا ڪري پوءِ ان جي معنيٰ کي مروڙي سروڙي غلط تفسير ڪري سگهجي ٿو. مگر جيڪڏهن مضمون جي لاڳاپي ۽ رابطي کي ڏسجي ته ڪڏهن به معنيٰ ۽ تفسير ڪرڻ ۾ غلطي نه ٿي ٿئي ۽ سڀ مفسر جيڪر هڪ ئي معنيٰ ڪڍن ۽ پڻ جيڪڏهن قرآن شريف جي آيت وَاعْتَصِمُوْا بِحَبْلِ اللهِ جَمِيْعًا وَّلَا تَفَرَّقُوْا يعني الله جي رسي (قرآن شريف) کي سيئي گڏجي مضبوط جهليو ۽ جدا نه ٿيو يا فرقا نه ٺاهيو انهيءَ آيت تي جيڪڏهن اسان عمل ڪيون. يعني قرآن شريف کي معنٰي سان پڙهون ۽ ان تي ئي عمل ڪريون ته پوءِ فرقا ۽ اختلاف بالڪل متجي وڃن. مگر اسان جا ڪي مولوي اسان کي چون ٿا ته قرآن شريف کي ڇڏي ڏيو اوهان ان کي ڪين سمجهي سگهندو. انا لله وانا اليہ راجعون.

4) جن کي وهابي ڪوٺيو ٿو وڃي سي بدعتن ۽ نون خيالن، عقيدن ۽ رسمن جي سخت مخالفت ٿا ڪن. پر مخالف ماڻهو انهن ۾ سخت مبتلا آهن.

5) جن کي وهابي چيو وڃي سي نيڪ اخلاق ۽ دنيوي عملي زندگي تي زور ٿا ڏين. مگر ٻيا گوشه نشيني ۽ مات ڪري وهڻ کي وڏيڪ پسند ٿا ڪن.

6) جن کي وهابي ٿو ڪوٺجي تن جو مقصد آهي اتفاق، اتحاد قومي همدردي، قومي خدمت، دولت، ترقي ۽ سلطنت. مگر انهن جي مخالفن جو مقصد آهي خود غرضي، ڦوٽ، تفرقہ بازي، سجائي، ذلت ۽ غلامي.

7) جن کي وهابي ٿو سڏجي تن جو مقصد آهي اسلام جي تبليغ ڪرڻ ۽ قوم کي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

زور وٺائڻ مگر سندن مخالفن جو مقصد آهي ٻين جي ڪمائي تي گذران ڪرڻ ۽ قوم کي جاهل ۽ پست رکڻ.

ايترين ڳالهين ٻڌڻ بعد ان شخص چيو ته جيڪڏهن ائين آهي ته پوءِ جن کي وهابي ڪوٺيو ٿو وڃي سي حق تي آهن. ڇو کين گمراه بلڪ ڪافر سمجهيو ٿو وڃي؟ مون جواب ڏنو ته سنڌ جي (بلڪ سڄي دنيا جي) ڪن فرقن مان گهڻن ماڻهن جو گذران ۽ عزت جو مدارئي ٻين ماڻهن جي ڪمائي، ٻين ماڻهن جي جهل، پورڙائي ۽ خوش عقيدائي تي آهي. پوءِ اهي ويچارا ڪيئن خوشيءَ سان پنهنجي مخالفن کي حق تي ڪوٺي پنهنجي گذران ۽ عزت جي آڏو ايندا. اسلام جي اوائلي زماني ۾ پير، مرده شو ملان، مڪاني درويش ۽ مجاور هئائي ڪين. جڏهن رفته. فته جهل وڌي ويو تڏهن اهي فرقا ٿيا ۽ انهن فرقن جو گذران ئي آهي ٻين جي ڪمائي تي. جڏهن ماڻهو قرآن شريف معنيٰ سان پڙهن ۽ اصلوڪي اسلام تي هلن ته پوءِ انهن ويچارن جي پيدائش ۽ عزت خاڪ ۾ ملي ويندي. پوءِ هو ڇو نه پنهنجي مخالفن کي وهابي ۽ ڪافر ڪوٺيندا.

هاڻي هندوستان ۾ هڪ فرقو آهي جو فقه شريف يا ڪنهن خاص امام جي تعليمات تي هلڻ بدران سئون سڌو قرآن شريف ۾ صحيح حديثن تي هلڻ پسند ٿو ڪري. انهن کي به اهل حديث سڏيو وڃي ٿو. انهن کي وهابي يا گمراه يا ڪافر سڏڻ سراسر بي انصافي آهي. جيڪڏهن هي گمراه آهن ته پوءِ اصحاب سڳورا ۽ تابعي سڳورا يعني سڀني اوائلي مسلمانن کي ڇا چئجي ۽ جي پڻ قرآن ۽ حديث تي عمل ڪندا هئا. چار امام ته پوءِ پيدا ٿيا ۽ فقه شريف به پوءِ ٺهيو. فقه شريف جو بنياد به قرآن شريف ۽ حديثن تي ٻڌل آهي. مگر فقہ شريف ۾ ڪي فروعي ڳالهيون اهڙيون به آهن جي پوين جي قياس تي ٻڌل آهن. اُهي ڳالهيون ڪي اهڙيون ضروري ناهن. مڪيه ڳالهيون اهي ئي آهن جي قرآن شريف ۽ صحيح حديثن ۾ آهن. پوءِ سنئون سڌو انهن تي عمل ڪرڻ جيڪڏهن گناه آهي ته اوائلي مسلمان به گنهگار هئا. حقيقت ۾ سنئون سڌو قرآن شريف ۽ حديثن تي هلڻ ۾ ئي وڌيڪ سلامتي آهي. مان پنهنجي سر فقه شريف کي ڇڱو ٿو سمجهان جو ان ۾ مسئلن کي ترتيب هيٺ آڻي عام مسلمانن جي رهنمائي ڪئي ويئي آهي. منهنجو فقط اهو خيال آهي ته فقه مان اُهي ڳالهيون ڌار ڪجن جن جو بنياد قرآن شريف ۽ حديث تي نه آهي پر هي ڪم وڏن عالمن جي ڪانفرنس کي ڪرڻ گهرجي. پر مان اهل حديث کي هرگز گمراه ڪو نه ٿو سمجهان. هو انهي ئي اسلام تي هلڻ چاهين ٿا جنهن تي اصحاب سڳورا هلندا هئا.

توهان کي ٻڌي عجب لڳندو ته وهابي لفظ اصل آيو ڪٿان. عرب ملڪ ۾ هڪ نجد جو علائقو آهي جتي هڪ شخص محمد بن عبد الواهاب پيدا ٿيو. هن بدعتن ۽ بدرسمن جي مخالفت ڪئي ۽ انهن کي ڪڍڻ ۾ ڪامياب ٿيو. نجدي ماڻهو انهيءَ


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڪري زور ونڻ ۽ ترقي ڪرڻ لڳا. ترڪن سياسي سبب جي ڪري هنن کي بدنام ڪرڻ لاءِ پروپيگنڊا ڪيو ۽ ڪين محمد بن عبدالواهاب جي نالي پٺيان وهابي ڪوٺيو. ان کان پوءِ دنيا جي ڪنهن به اسلامي ڀاڱي ۾ ڪو به مصلح يعني سڌاريندڙ پيدا ٿو ٿئي يا جيڪي به ماڻهو بدعتن ۽ بدرسمن جي برخلاف ٿا وجن يا پيرن مرده شو ملن، فقيرن ۽ مجاورن جي گذران جي وسيلن جي آڏو ٿا اچن تن کي وهابي ڪوٺيو ٿو وڃي. اگرچ هنن ڪڏهن به محمد بن عبد الواهاب جو نالو نه ٻڌو هجي ۽ نه سندس تصنيفون پڙهيون هجن.

خود نجدي پاڻ امام احمد بن حنبل جي مذهب جا پيروڪار آهن. هو قرآن شريف جي انهي تفسير کي پسند ڪندا آهن جيڪو امام ابن ڪثير جو ٺاهيل آهي. هو ڪتاب الله ۽ سنت رسول الله تي هلڻ جي ڪوشش ڪندڙ آهن. جهڙا اهو اسلام جي رڪنن يعني نماز روزي زڪوات ۽ حج تي مستحڪم آهن تهڙو دنيا جو ڪو به ٻيو اسلامي ملڪ ڪونهي سندن اخلاق سڄي دنيا جي مسلمانن کان بهتر آهن. چوري، زنا، نشو، جوا، ڪوڙ، دغا، وعده شڪني، جهيڙن فسادن وغيره وغيره کان جيتري قدر هو پري آهن اوتري قدر دنيا جو ٻيو ڪو به ڀاڱو ڪو نه هوندو. سياسي نظام ۽ انتظام ۽ امن ۽ رعيت پروري جهڙي اتي آهي تهڙي دنيا جي ڪنهن به اسلامي خواه غير اسلامي ملڪ ۾ بالڪل ڪانهي. تنهن هوندي به جيڪڏهن هو گمراهه آهن ته ڪين الله تعاليٰ وٽ حساب ڏيڻو پوندو. والله اعلم بالصواب.

*(توحيد آگسٽ 1935ع)*


www.sindhsalamat.com
سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# محبت جو اسلامي فلسفو

محبت هن دنيا ۾ خواه آخرت لاءِ بهشت آهي ۽ ڪلفت دوزخ آهي هڪ ٻئي سان محبت ۽ پيار ۾ غمخواري ۽ مددگاريءَ ۾ جيڪي فائدا ۽ خوشي ۽ ترقي رکيل آهي تنهن جو اندازه ڪڻ محال آهي ۽ ڪلفت ۽ جهيڙي ۽ هڪ ٻئي کي نقصان رسائڻ ۾ جو غم ۽ ڳڻتي ۽ خطرا ۽ نقصان ۽ بربادي رکيل آهي سو به بي حساب آهي.

الله تبارڪ و تعاليٰ رحيم، رحمان، ڪريم، رؤف ۽ ودود آهي. انهيءَ مان اسان کي هي سبق مليل آهي ته اسان کي به هڪ ٻئي سان محبت ۽ رحم ۽ مددگار ڪرڻ گهرجي قرآن شريف ۾ آهي ته جيڪڏهن توهان الله تعاليٰ سان حب رکو ٿا ته رسول الله ﷺ جي پيروي ڪريو ته پوءِ الله تعاليٰ اوهان کي به حب ڪندو. حديث ۾ فرمايل آهي ته الله تعاليٰ انهيءَ تي رحم نٿو ڪري جو ٻين تي رحم نٿو ڪري ۽ پڻ فرمايل آهي ته جو شخص پنهنجي ڪنهن ڀاءُ جو حق ٿو ماري سو الله تعاليٰ جو منڪر آهي ۽ هو الله تعاليٰ کي نٿو مڃي. الله تعاليٰ ٿو فرمائي ته اي ٻندا ! مون سان حب رکين ٿو؟ ڀريائين ذات انسان سان محبت رک، مٿي رسول الله ﷺ جي پيروي ڪرڻ جو حڪم آيل آهي. رسول الله ﷺ جي رَوِشِ ڪهڙي هئي؟ پاڻ سڀورا ڪافرن دشمنن ۽ ظالمن سان به انصاف رحم ۽ شفقت سان پيش ايندا هوا هر وقت خدا سائينءَ کان دعا گهرندا هئا ته اي منهنجا رب ! تون ڪين هدايت ڪر ته عذاب کان ڪين پناه ڏي مٿين حديثن مان معلوم ڪري سگهبو ته جو شخص ٻين انسانن سان حب ٿو رکي سو الله تعاليٰ سان حب ٿو رکي ۽ الله تعاليٰ به ڪيس حب ٿو ڪري مگر جيڪو شخص ٻين انسانن سان دشمني ٿو ڪري سو الله تعاليٰ جو به دشمن آهي ۽ خدا تعاليٰ ڪيس دنيا ۽ آخرت ۾ خوار خراب ۽ برباد ٿو ڪري. قرآن شريف ۾ الله تعاليٰ اصحابن سڳورن کي فرمائي ٿو ته مان توهان تي وڏو احسان هي ڪيو آهي جو توهان کي ڀاءُ ڀاءُ ڪري ڇڏيو اٿم ۽ پڻ فرمائي ٿو ته مومن سڀ ڀائر آهن ۽ جيڪڏهن کي به پاڻ ۾ وڙهيل هجن ته انهن جو پاڻ ۾ صلح ڪرائي ڇڏيو. مطلب ته اسلام دنيا ۾ صلح سلامتي ۽ محبت قائم ڪرائڻ آيو. اسلام لفظ جي معنيٰ ئي آهي صلح سلامتي. مسلمان اهو آهي جنهن جي هٿ ۽ زبان کان سڀ مسلمان سلامت هجن. الله تعاليٰ جو هڪ نالو آهي اَلسلامُ يعني صلح سلامتي ڏيندڙ. بهشت


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

جو به هڪ نالو آهي دَار السلام يعني صلح ۽ سلامتي جو گهر. اَلسلامُ عليڪم جي معنيٰ آهي ته اوهان تي صلح سلامتي هجي. بهشت ۾ به اهو ئي لفظ ٻڌڻ ايندو ته سلام قولا من رَب رَحيم. سبحان الله ! الله تعالي ڪيئن نه اسان کي صلح سلامتيءَ جي تعليم ڏني آهي. اسان ڪهڙا نياڳا آهيون جو صلح سلامتي جي بدران جهيڙن جهڳڙن فسادن ۽ هڪ ٻئي جي نقصانن ڪرڻ ۾ هڪ ٻئي کي بلڪ پاڻ کي سبيئري دوزخ ۾ وڌو اٿئون ۽ الله تعاليٰ جا دشمن ۽ شيطان جا دوست ٿيا آهيون. الله تعاليٰ سان دشمني رکڻ آهي پنهنجي بربادي ڪرڻ. سو سچ پچ به اسان دنيا ۾ ئي نهايت خوار خراب ۽ ذليل ٿي چڪا آهيون. الله تعاليٰ جو هڪ عجيب قانون آهي جو قرآن شريف مان به ثابت آهي ته جيڪي ماڻهو ڪا چڱائي ڪري ٿو سا پنهنجي لاءِ ٿو ڪري ۽ جيڪو گناهه ٿو ڪري تنهنجو وبال پاڻ ئي ٿو پوڻو پوي. هن مان سمجهبو ته اسان مان ڪو شخص جيڪڏهن ڪنهن ٻئي سان دشمني ٿو ڪري، گلا ٿو ڪري، يا ڪو نقصان ٿو ڪري ته در حقيقت پنهنجو نقصان ٿو ڪري، نه ٻئي ڪنهن جو. جيڪڏهن ٻئي سان چڱائي ٿو ڪري ته پنهنجي لاءِ چڱائي ٿو ڪري، نه ٻئي ڪنهن جي لاءِ. جو ته الله تعاليٰ چڱائي ڪندڙ کي نعمتون ٿو ڏئي ۽ بڇڙاين ڪندڙ تي مصيبت نازل ٿو ڪري. الله تبارڪ و تعاليٰ سڄي ڪائنات جو بنياد محبت تي ٻڌو آهي ڏسو ته جيڪڏهن نر ۽ ماديءَ جي پاڻ ۾ محبت نه هجي ته سڄي دنيا فنا ٿي وڃي. زال مڙس جي پاڻ ۾ ڪيڏي نه محبت ٿي ٿئي ۽ ڪيتري قدر هو هڪ ٻئي لاءِ دل ۾ اڪين جو ٺار آهن تنهن کان پوءِ اولاد لاءِ ماءُ پيءُ کي ڪيتري نه محبت آهي ۽ ڪين ڪيتري نه اولاد مان راحت ٿي رسي. اها محبت ڪنهن اسان ۾ وڌي آهي؟ اها انهيءَ ٻاجهاري الله تعاليٰ وڌي آهي جنهن ڪائنات کي پيدا ڪيو ۽ اسان جي خوشيءَ ۾ راحت جا اسباب پيدا ڪيا. ٿورو غور ڪريو ته جئين اسان کي پنهنجي زال مڙس ۽ اولاد پيارو آهي ۽ پنهنجي خوشي ۽ عزت پياري آهي تيئن ٻين کي به ته پيارا آهن پوءِ جيئن پنهنجن لاءِ چڱائي ٿا گهرون تئين اسان کي ضرور ٻين لاءِ به چڱائي گهرڻ گهرجي. (حديث سڳوري آهي ته ڪو به ماڻهو تيستائين پورو ايمان وارو نه ٿيندو جيستائين جا شيءِ پاڻ لاءِ پسند ڪري سا پنهنجي ڀاءُ لاءِ به پسند ڪري). جيئن زال مڙس ۽ اولاد لاءِ محبت ۾ اسان کي خوشي حاصل ٿي ٿئي تئين ٻين سان محبت رکڻ ۾ به اسان کي خوشي ٿيندي. ٻين سان محبت ۽ ڀلائي جو رستو رکبو ته هو به اسان سان محبت رکندا. جنهن ڪري اسان کي خوشي حاصل ٿيندي. پر جيڪڏهن هن ٻين سان دشمني ۽ بدخواهي جو رستو رکنداسين ته هو به اسان جا دشمن بڻبا ۽ اسان جي زندگي تلخ ۽ خطرناڪ ٿي پوندي. اهو ئي سبب آهي جو الله تعاليٰ پيءُ، ماءُ ۽ اولاد بعد پنهنجن مائٽن ۽ پاڙيوارن سان محبت رکڻ ڀلايون ڪرڻ ۽ سوڪڙيون پاڪڙيون ڏيڻ جو حڪم ڪيو آهي. تنهن کان پوءِ سڄي ملڪ ۽ قوم جي حب رکڻ ۽ ان کان پوءِ سڄي دنيا ۽ ذات انسان جي محبت جي تلقين ڪئي آهي. مٿين ڳالهين تي غور ڪرڻ مان اهو ئي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

نتيجو نڪري ٿو ته جيڪو شخص ٻئي سان محبت ۽ چڱائي ٿو ڪري سو درحقيقت پنهنجي لاءِ چڱائي ۽ خوشي پيدا ٿو ڪري ۽ جيڪو ٻئي جي لاءِ نقصان ٿو ڪري سو پنهنجي لاءِ مصيبت ٿو خريد ڪري. ساڳئي طرح جيڪا قوم ٻئي قوم سان ظلم تي ڪري سا پاڻ تي ئي ظلم تي ڪري. سمجهو ته هڪ زبردست شرير زميندار مسڪينن تي ظلم ٿو ڪري. ظاهري ائين پيو ٿو ڏسجي ته زميندار ڪي ڪو به نقصان ڪو نه ٿو رسي غريب پيڙجن پيا ۽ زميندار مزا ويٺو ڪري. مگر حقيقت هيءَ آهي ته ان زميندار جي گهر ۾ خوشي ڪانهي سندس اندر هميشه ڪاڌل آهي، خطري جو پوت هميشه سندس در وٽيو ويٺو آهي. اسراف ۽ بداخلاقين جي ڪري سندس پورت ڪا نه ٿي پوي ۽ وقت بوقت ناگهاني مصيبتن جو شڪار ٿيو وڃي. هوڏانهن وري جيڪڏهن غريبَ مظلوم به پوري حق تي هجن ته ڪڏهن به زميندار متن ظلم نه ڪري سگهي. ڏسجي پيو ته جيڪڏهن ڪو غريب مظلوم ڪورٽ ۾ زميندار تي فرياد ٿو ڪري ته ٻيا غريب ان زميندار جي ڊچ ڪان يا ڪم عقلي ڪان ڪنهن پنهنجي غرض سببان زميندار جي فائدي ۾ ڪوڙي شاهدي تا ڏين، تنهنڪري ڪورٽ انصاف نٿي ڪري سگهي. پر جيڪڏهن غريب سچي شاهدي ڏين ته پوءِ ماجستريٽ ڪهڙو به رشوتي هوندو ته به مجبورن زميندار تي چارج رکٽي پونديس. هن مان سمجهبو ته بي همت غريب پاڻ تي پاڻهي ظلم تا ڪن. اهڙين حالتن ۾ ظالم ۽ مظلوم پاڻ ڪي پاڻ تا پيڙين. جيڪڏهن غريب همت ڪري حق تي هلن ته ظالم زميندار يا ته سڌري پوندو يا تباهه ٿي ويندو. پر جيڪڏهن غريبَ همت ڪري حق تي نه هلندا ته به ظالم زميندار اڳي ڪي پوءِ پاڻهي تباهه ٿيندو.

ساڳي طرح سمجهيو ٿو وڃي ته سنڌ جا هندو خراب آهن ۽ غريبن مسلمانن تي هر طرح ظلم تا ڪن (مان ائين نه ٿو چوان ته حقيقت ائين آهي). ان جو علاج اهو نه آهي ته مسلمان رڳو گهوڙا گهوڙا ڪن يا انهن جي ظلمن جي بدلي ۾ انهن سان ٻئي قسم جا ظلم ڪن. ائين ڪرڻ ۾ ٻنهين جي بربادي آهي. اهڙي حالت ۾ مسلمانن جو فرض آهي ته پاڻ ڪي سجاڳ ڪن علم ۽ واپار ڪي وٺن. سستي، فضول خرچي ۽ ٻيون بداخلاقيون ڦٽي ڪري محنت ۽ سادگي سان گڏ نيڪ اخلاق اختيار ڪن، پوءِ ڪو به هندو ڪنهن به مسلمان تي ظلم ڪري نه سگهندو. جيڪڏهن هو ڪندو ته اهو مسلمان رڳو پاڻ يا ٻين جي مدد سان جائز نموني پنهنجي حق ۽ انصاف جي طلب ڪري سگهندو ۽ ظالم ڪي سزاياب ڪرائي سگهندو. تنهنڪري جيڪڏهن هندو مسلمانن جا دشمن آهن ته مسلمانن ڪي هندن سان دشمنيون ڪرڻ نه گهرجن پر اٽلندو ساڻن چڱايون ڪرڻ گهرجن. فقط پاڻ ڪي سڌاري پنهنجا بچاءَ ڳولڻ گهرجن، پوءِ هندو پاڻهين سڌرندا يا فنا ٿي ويندا. ساڳي طرح مسلمان جيڪڏهن هندن سان ظلم تا ڪن ته هندن ڪي چڱو ٿيڻ گهرجي ته پوءِ مسلمان پاڻهي سڌري پوندا يا تباهه ٿي ويندا. هندو چڱا يا ترقي يافته هجن ته مسلمانن جو به فائدو آهي ۽ مسلمان چڱا يا ترقي يافته


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

هجن تہ هندن جو بہ فائدو آهي.

وري اچو حاڪم ۽ محڪوم قوم جي مثال تي. انگريز هندوستان فتح ڪري اسان تي حڪومت پيا ٿا هلائين. ان ۾ اسان جو ئي قصور آهي! جيڪڏهن اسان ۾ علم ۽ اتفاق ۽ حب الوطني هجي ها تہ انگريز ڪڏهن بہ هندستان فتح نہ ڪري سگهن ها. مگر اسان ۾ گهٽيون ئي خاميون هيون ۽ آهن. انگريزن جي حڪومت ڪري اسان کي گهٽو ئي فائدو ٿيو آهي؛ اسان گهٽي قدر سجاڳ ٿيا آهيون، گهٽي قدر اسان ۾ علم عقل ۽ حب الوطن وڌي آهي. هن وقت جيڪڏهن انگريز پنهنجي فائدي واسطي هندستانين سان بي انصافي ڪندا (مان ائين ڪو نہ ٿو چوان تہ هو سچ پچ بي انصافي ڪن ٿا) تہ انهي ۾ سندن ئي نقصان آهي. بي انصافيءَ جي ڪري هنن ۾ اهڙيون خاميون پيدا ٿينديون جو خود بخود فنا ٿي ويندا. پر جيڪڏهن هندستاني پاڻ سجاڳ ٿين ۽ انگريزن سان ڪا بہ دشمني يا بغض نہ رکن فقط پاڪي سڌارين ۽ اتفاق ڪري جائز طور پنهنجي حقن جو بچاءُ ڪن تہ پوءِ انگريز ڪا بہ بي انصافي نہ ڪري سگهندا. جي ڪندا تہ ٿورڙي ئي عرصي ۾ بادشاهي وڃائي ويهندا. هيءُ سپ مثال طور چيل آهي تہ مان ائين نہ ٿو چوان تہ انگريز سچ پچ بي انصافيون ڪن ٿا.

هي اُهو فلسفو آهي جنهن جو راز گهٽن ڪوتاهين ۽ خود غرض ماڻهن کان لڪل رهيو آهي. اُهي بادشاهہ يا وزير يا حڪومتون جي ٻين قومن تي ظلم ٿيون ڪن سي سچ تہ پاڻ تي ظلم ڪري پاڻ کي برباد ڪري رهيون آهن. اهي مدبر نہ آهن پر ڪوتاهہ نظر ۽ احمق آهن. تاريخ جا ورق اٿلائي ڏسو جنهن بہ قوم ظلم ڪيا تنهن ۾ بداخلاق پيدا ٿي ويا ۽ آخر انهيءَ ڪي اهڙا مصيبتن جا ڏينهن ڏسڻا پيا جو اَلاَمان وَالحفيظ. مطلب تہ قومن جي ترقيءَ جو راز محبت ۽ انصاف ۾ ۽ تنزل جو راز ڪلفت ۽ ظلم ۾ رکيل آهي.

هاڻي سوال آهي تہ جيڪڏهن ٻئي سان چڱائي ڪرڻ ۾ پنهنجي ئي چڱائي آهي ۽ ٻئي سان ناحق ڪرڻ ۾ پنهنجي ئي بربادي، تہ پوءِ چو محبت جو رستو ڦٽو ڪري ڪلفت جو رستو اختيار ڪيو اٿئون. بہ سبب آهن، هڪ ڪوتاهہ بين حماقت ۽ جهل ۽ ٻيو نفساني خواهشن (جنهن ۾ طمع ۽ خودغرضي بہ اچي وئي) تي ضابطي رکڻ ۾ ڪمزوري. پهرئين نقص جو علاج هي آهي تہ اسان علم کي وٺي وڃون خصوصن قرآن شريف ۽ حديثون معنيٰ سان پڙهون. ٻئي نقص جو علاج هي آهي تہ اسلام جي پنجن رُڪنن تي سمجهہ سان پابند رهون. نماز روزا وغيرہ اسان کي استقلال ۽ پاڻ تي ضابطو رکڻ ۾ ٻيا ڪيترا ضروري گڻ سيکارن ٿا. وَمَا عَلَيْنَا اِلاَّ الْبَلاَغُ وَالسَّلاَمُ عَلٰي مَنِ اتَّبَعَ الْهُدٰي.

*(توحيد سيپٽمبر 1934ع)*


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# قرآني معارف

## سيپارو 18 سورت النور رکوع پهريون

1) هي سوره اُها آهي جا اسان نازل ڪئي آهي ۽ فرض ڪئي آهي ۽ جنهن ۾ چٽيون آيتون آهن انهيءَ لاءِ ته اوهان ياد رکو ۽ خبردار رهو.

2) زاني مرد ۽ زاني عورت. انهن مان هر هڪ کي هڪ سو چهبڪ هڻو. ۽ الله تعاليٰ جي تابعداري واري ڪم ۾ رحمدلي کي دخل نه ڏيو. جيڪڏهن توهان الله تعاليٰ ۽ آخرت جي ڏينهن ۾ ايمان ٿا رکو ۽ هڪڙي ٽولي مؤمنن جي هنن جو عذاب بيهي ڏسي.

**نوٽ :-** سو چهبڪن جي سزا انهن زانين جي لاءِ آهي، جي اڻ پرڻيل آهن ۽ جيڪڏهن ڪو پرڻيل مرد يا عورت زنا ٿو ڪري ته ان لاءِ اسلام وڌيڪ سخت ۾ سخت سزا مقرر ڪئي آهي. هن سزا ڏيڻ ۾ رحمدلي بالڪل ڪرڻي نه آهي. حضرت عمر رضي الله عنه به نسبت ڳالهه ٿا ڪن (والله اعلم) ته پنهنجي پٽ کي چهبڪ هٽايائين ۽ هو اسي (80) چهبڪن بعد مري ويو ته به ڪيس 2 چهبڪ وڌيڪ هٽايائين.

اڄوڪن سڌريل قومن کي هي سزا بالڪل سخت وحشي ٿي ڏسڻ ۾ اچي، بلڪ ڪي ته اهڙا به آهن جي زنا کي خراب ئي نٿا سمجهن. هي آهي اڄوڪي زماني جي تهذيب. اها تهذيب ناهي پر وحشت پٽي آهي. جيڪڏهن زنا جي عام جام موڪل هجي ته سوسائٽي ڊانوانڊول ٿي پوي. خانا خراب ٿي وڃن. خوشي ۽ آرام ڪو نه رهي ۽ جهيڙا فساد ۽ خون حد ڪان ٻاهر لنگهي وڃن. ٻين قومن جي پنهنجي مرضي، مگر مسلمان ليڊرن کي گهرجي ته ڪائونسلن ۾ بل پيش ڪري مسلمان لاءِ اُهي ئي قانون رائج ڪرائين جي اسلام سيڪاريا آهن. جيستائين اهڙا قانون پاس ٿين تيستائين مسلمانن کي گهرجي ته زنا کي روڪڻ لاءِ مختلف جائز اُپاءَ وٺن. ڪين اهو اختيار ڪونهي ته زانيءَ کي چهبڪ هڻن يا سنگسار ڪن يا قتل ڪن، مگر ڪين گهرجي ته پوري ثابتي وٺڻ بعد زنا ڪندڙن سان اهڙي هلت وٺن جو هنن کي سزا به ملي چڪي ۽ آئينده لاءِ زنا به نه ڪري سگهن.

3) زاني مرد سان ڪا به عورت شادي نه ڪري سواءِ ان زال جي جا پاڻ زانياڻي يا


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

مشرڪ هجي ۽ زاني عورت سان ڪو بہ مرد نڪاح نہ ڪري سواءِ ان جي جو پاڻ
زاني يا مشرڪ هجي مومنن ڪي اهو حرام آهي.

4) جيڪي شريف عورتن تي زنا جي تهمت رکن ۽ شاهد پيش نہ ڪن (جن اڪين سان ڏٺو هجي) انهن ڪي (اهڙي تهمت رکڻ ڪري) انڪي چهبڪ هڻو ۽ پوءِ ڪڏهن بہ انهن جي شاهدي قبول نہ ڪريو ۽ اهي فاسق آهن.

**نوٽ :-** اڄ ڪلهہ ماڻهو بلڪل بي پرواهي سان ويچارين عورتن تي زنا جون تهمتون ڏريندا آهن ۽ اکين ڏٺا شاهد پيدا ڪرڻ تہ پنهنجي ماڳ پر پاڻ بہ اکين سان ڪو نہ ڏٺو هوندو اٿن. رڳو گمان تي ڪٽي تهمتون رکندا آهن. ڪي تہ وري ساڙ يا حسد يا دشمني ڪان نسورو ڪوڙ ٺاهيندا آهن. اهڙين تهمتن رکڻ مان جيڪو صدمو ان زال ڪي ۽ سندس مڙس ۽ مائٽن ڪي رسي ٿو، جيڪي فساد پيدا ٿين ٿا تن جو اندازو ڪرڻ مشڪل آهي. بلوچن ۽ ڪن ٻين ماڻهن ۾ اهڙو غير شرعي رواج آهي جو خالي تهمت رکي زالن ڪي ماري وجهندا آهن. يعني بہ زبردست گناهہ: هڪ تهمت رکڻ جو ۽ ٻيو خون ڪرڻ جو ڪري وجهندا آهن ۽ جرڳي وارا خونيءَ ڪي اٽلندو عيوضو وٺائي ڏيندا آهن. هي مسلماني آهي يا عين ڪفر آهي؟ معلوم هجي تہ اگرچہ مڙس زال ڪي اکين سان زنا جي حالت ۾ ڏسي ۽ اگرچہ چار شاهد بہ اکين سان ڏسن تہ بہ فقط سرڪار جي قاضيءَ ڪي اهو اختيار آهي تہ مقدمو هلائي سزا ڏياري.

5) سواءِ انهن جيڪي ان ڪانپوءِ توبہ ڪري تائب ٿين (يعني اهڙو ڪم ڇڏي ڏين) سڌرن ۽ حق تي هلن تہ پوءِ الله تعاليٰ غفور ۽ رحيم آهي.

نوٽ :- 4 آيتن ۾ چيل آهي تہ ثابتي ڪان سواءِ تهمت ڏرڻ وارا فاسق آهن. مگر 5 آيت ۾ آهي تہ جيڪڏهن پوءِ سڌرن تہ الله تعالي جو غفور ۽ رحيم آهي سو سندن نالو فاسق جي دفتر مان ڪڍي صالحن جي رجسٽر ۾ داخل ڪري ٿو سگهي.

6 ۽ 7) ۽ جيڪي مڙس پنهنجي زالن تي تهمت رکن تا ۽ پاڻ ڪان سواءِ شاهد ڪو نہ اٿن تڏهن انهن مان هڪ جي شاهدي چار ڀيرا ونجي ۽ چارئي ڀيرا الله تعاليٰ ڪي حاضر ناظر ۽ شاهد ڪري (يعني قسم ڪٽي) چوي تہ تحقيق هو سچن منجهان آهي ۽ پنجين ڀيري چوي تہ جيڪڏهن هو ڪوڙن منجهان آهي تہ مٿس خدا جي لعنت پوي.

8 ۽ 9) (تڏهن) عورت مٿان زنا جي سزا هن صورت ۾ ٽري ويندي جيڪڏهن هوءَ بہ چار ڀيرا خدا ڪي شاهد ڪري چوي تہ هي شخص (يعني منهنجو مڙس) سراسر ڪوڙو آهي ۽ پنجين ڀيري چوي تہ جيڪڏهن منهنجو مڙس سچن مان آهي تہ مون تي خدا جو غضب پوي.

**نوٽ :-** 7 - 8، 9 - 10 آيت جو مقصد آهي تہ جيڪڏهن مرد ائين 5 ڀيرا قسم ڪٽي وجي تہ پوءِ تهمت رکڻ واري ان تي چهبڪن جي سزا ڪان ڇٽي ويندو ۽


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

جيڪڏهن عورت به ائين 5 ڀيرا قسم کڻي ويندي ته هوءَ به زنا جي سزا کان ڇٽي ويندي پر سو تڏهن جڏهن چار شاهد نه هجن. ان حالت ۾ طلاق اچي ويندي.

بلوچ ۽ ڪي ٻيا ماڻهو چوندا ته هنن پوين آيتن تي عمل ڪبو ته پوءِ ته زالون ڪري پونديون. افسوس هي آهي ته مرد ڪرن ته انهن ڪي ڪو چوي به ڪو نه، باقي زالن تي آيا ٽا رهن. زالون به ته مردن وانگر انسان آهن، بلڪ مردن کان به وڌيڪ ضعيف آهن. انهيءَ ئي ڪري انهن کي ضعيف (ضائفان) ڪري سڏيو ويندو آهي. حقيقت ۾ مردن ئي جو ڏوهه آهي، جو ته زنا جي تحريڪ هميشه يا گهڻو ڪري مرد جي طرف کان ٿي ٿئي نه عورت جي طرف کان. مردن جو ٻيو ڏوهه هي آهي جو پاڻ کي توڙي پنهنجي عوتن کي اسلامي علم (قرآن ۽ حديث جي معنيٰ) کان محروم ٽا رکن. ٽيون ڏوهه سندن هي آهي جو اڪثر عورتن کان ٻاهريان ڪم ٽا ڪرائين جنهنڪري هو اڪيليون گهرن کان پري واهن ۽ جهنگلن ڏي هليون ٿيو وڃن. ڇيلن کي بگهڙين ڏي موڪلي پوءِ اميد رکڻ ته ڇيلا بگهڙن جو شڪار نه ٿيندا، حماقت نه آهي ته ٻيو ڇا آهي؟ پرائي مرد ۽ زال کي اڪيلو هڪ ٻئي سان ملڻ ۽ صحبت جو وجهه ڏيڻ ۽ ڪين زنا کان منع ڪرڻ ائين آهي جيئن بکايل ڪتن جي اڳيان ماني رکي هليو وڃڻ ۽ اميد رکڻ ته ڪتا مانيءَ کي رکو ويهي ڏسندا.

مسلمانو! جيڪڏهن سچ پچ مسلمان سڏائڻ جي خواهش اٿو ۽ دنيا ۽ آخرت جون موجون ماڻيڻون اٿو ته مرد توڙي زالون قرآن مجيد ۽ حديث شريف سنڌي زبان ۾ ئي پڙهو ۽ ٻڌو !

*(توحيد نومبر 1934ع)*


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# قرآن شريف مان اخلاقي سبق

## ترجمو سورت الحجرات سيپاره 26 آيت 9 کان 15 آيت تائين

9) ۽ جيڪڏهن مؤمنن جون ٻه ڌريون تڪرار ڪن يا وڙهن ته هنن جي وچ ۾ صلح ڪريو. پر جيڪڏهن انهن مان هڪڙي ڌر ٻي سان ناحق ٿي ڪري ته پوءِ ان سان لڙو جا ناحق ٿي ڪري. ايستائين جو هو الله جي حڪم ڏي موٽي. پوءِ جيڪڏهن باز اچي وڃي ته انهن جي درميان انصاف سان صلح ڪرايو ۽ عدل ڪريو. تحقيق الله تعاليٰ انهن سان حب تو رکي جي عدل تا ڪن.

نوٽ :- اڄ ڪلهه جا مسلمان صلح ڪرائڻ بدران اٽلندو جهيڙي جي آگ کي ڦوڪون ڏيئي وڏو پنيث ٻاري وجهندا آهن. بلڪ اڻ وڙهيلن کي به پاڻ ۾ ويڙهائي وجهندا آهن. چا اِهي مسلمان آهن يا شيطان ۽ الله تعاليٰ جا دشمن آهن؟ هي قصور به اسان ۾ عام آهي جو جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن ٻئي سان ظلم ڪندو آهي ته پاڻ يا ته ماٺ ڪيو وينا ڏسندا آهيون يا ته انهيءَ جو طرف وٺندا آهيون جو پنهنجو عزيز يا دوست هوندو آهي يا وڏو ماڻهو هوندو آهي پوءِ اگرچه هو ناحق تي هجي. انهيءَ ڪري ظالم کي ائين چڏي ڏينداسين يا اٽلندو ڪيس مدد ڪنداسين ته سڀاڻي اسان تي به ظلم ڪندو.

10) مؤمنَ بيشڪ پاڻ ۾ ڀائر آهن تنهنڪري پنهنجي ڀائرن جي درميان صلح ڪريو. ۽ الله تعاليٰ کان ڊڃو ته مَنَ توهان تي رحم ڪيو وڃي.

11) اي مؤمنو ! هڪڙي ڌر ٻي ڌرتي ٺٺولي يا مسخري هرگز نه ڪري، شايد پوئين ڌر اڳين کان بهتر هجي ۽ نه وري هڪڙيون عورتون ٻين عورتن سان مسخري يا ٺٺول ڪن. ممڪن آهي ته پويون اڳين کان بهتر هجن. پنهنجن ماڻهن جا عيب نه ڦولهيو نڪي هڪ ٻئي کي خراب (چڙ ڏياريندڙ) نالن سان سڏيو ! ايمان آڻڻ بعد بڇڙو نالو (رکڻ) بالڪل خراب آهي ۽ جيڪو نٿو باز اچي ته پوءِ اهو ظالم آهي.

**نوٽ :-** هن آيت ۾ بيان ڪيل خطائون اسان ۾ عام طور مروج آهن. اسلام جو مقصد آهي ته اسان ۾ صلح ۽ محبت هجي ۽ اسان هڪ ٻئي جي خيرخواهي ۽


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

مددگاري ڪريون مگر مٿيان عيب دوستي ۽ محبت جي بدران ڏڪار ۽ دشمني پيدا ٿا ڪن. جنهنڪري فساد ۽ ظلم زور ٿا وٺن.

12) اي ايمان وارؤ! شڪ ۽ گمان آڻڻ ڪان گهڻي قدر پرهيز ڪريو. تحقيق ڪي شڪ گناهه آهن ۽ جاسوسي نه ڪريو ۽ اوهان منجهون ڪي ٻين جي غيبت (پرپٺ گلا) نه ڪن. ڇا اوهان مان ڪوئي پنهنجي مئل ڀاءُ جو گوشت کائڻ پسند ٿو ڪري؟ پر توهان کي ان ڪان ڪراهت ايندي آهي ۽ ڊڄو الله تعاليٰ ڪان. تحقيق الله تعاليٰ وري وري موٽندڙ ۽ رحيم آهي.

نوٽ :- خالي گمان تي ٻين تي تهمتون رکڻ مان ۽ گمان تي عمل ڪرڻ مان وڏا خلل پيدا ٿيندا آهن. جاسوسي ڪرڻ يعني لڪي ڇپي ٻين جون ڳالهيون ٻڌڻ يا پراوا خط پڙهڻ يا ٻين جي خانگي زندگي لڪي لڪي ڏسڻ اِهي وڏيون غلطيون آهن جن مان پڻ خراب نتيجا نڪرندا آهن. ڪي ماڻهو خصوصن ڀهراڙيءَ جون زالون ڇا ڪنديون آهن جو نه رڳو پرايون ڳالهيون لڪي لڪي ٻڌنديون آهن پر اهن ۾ ڪوڙ گڏي ٻيڻ ٽيڻ ڪري ٻڌائينديون آهن ۽ وڏا جهيڙا مچائينديون آهن. الله تعاليٰ جي امان ! پرپٺ گلا ڪرڻ آهي پنهنجي مئل ڀاءُ جو گوشت کائڻ. نعوذ بالله منها.

13) اي انسانو ! تحقيق اسان اوهان کي نر ۽ ماديءَ مان پيدا ڪيو ۽ اوهان کي قومن ۽ قبيلن ۾ ورهايو (فقط) انهيءَ لاءِ ته اوهان هڪ ٻئي کي سڃاڻو. تحقيق اوهان ۾ وڏيڪ عزت وارو الله تعاليٰ جي نزديڪ اُهو آهي جو اوهان ۾ وڏيڪ پرهيزگار آهي. تحقيق الله تعاليٰ ڄاڻندڙ ۽ خبر رکندڙ آهي.

نوٽ :- هن شاندار آيت ۾ اُهي اعليٰ سبق سيکاريل آهن جن تي ذات انسان جي ترقيءَ جو مدار آهي. مساوات جو سبق اسان ڪيتري زماني ڪان وٺي گهڻي قدر ڇڏي ڏنو ۽ اسلام جي بنياد کي اکوڙي ڇڏيو.

اڄ زميندار، ڪامورا، دولتمند، پير بلڪ گهڻا مولوي به ٻين کي گهٽ ۽ پاڻ کي وڏو سمجهن ٿا. حالانڪ رسول الله ﷺ جن فرمايو آهي ته جنهن ۾ هڪ داڻو به وڏائي جو آهي سو بهشت ۾ نه ويندو. جيڪي چڱي ۾ چڱا پير آهن، سي به وڏائي ۾ پريا پيا آهن. هو پاڻ کي مرشد ۽ ٻين کي مريد ٿا ڪن. هڪ جدا ممتاز جاءِ وٺي ٿا ويهن ۽ ٻيا انهن کي پيرين ٿا پون. جڏهن پير صاحب ڪچهري ۾ اچن ٿا يا ڪچهري مان اٿن ٿا تڏهن سڀ ماڻهو اُٿي ٿا بيهن ۽ پير نذرانا ٿا وٺن وغيره وغيره. ڪين اها به خبر ناهي ته نيڪي ۽ فضيلت ڏيڻ ۾ آهي نه وٺڻ ۾. قرآن شريف ۾ بار بار ”اَنفقوا“ (خرچ ڪريو) ۽ ”اتو الزڪوات“ (زڪوات ڏيو) جا حڪم ۽ صدقن ڏيڻ جا حڪم آيل آهن.

لَنْ تَنَالُوا الْبِرَّ حَتّٰى تُنْفِقُوْا مِمَّا تُحِبُّوْنَ جي آيت انهن پيرن ڪان وسري وئي آهي. اُها حديث به ڪين ياد نه آهي جنهن ۾ فرمايل آهي ته مٿيون هٿ (ڏيندڙ هٿ) هيٺين هٿ (وٺندڙ هٿ) ڪان افضل آهي. جنهن جو مطلب اهو اهو ٿيو ته مريد پنهنجي مرشدن


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڪان وڏيڪ پيارا آهن.

هن آيت سڳوريءَ تي هڪڙي مفسر جو نوٽ هن طرح آهي تہ:

ذات انسان جي برادريءَ جي اصول جو هت بيان ٿيل آهي. سو نهايت وسيع بنياد تي بيهاريل آهي. هتي خطاب مومنن کي ناهي جيئن اڳين ٻن آيتن ۾ آهي. پر هتي سيني ماڻهن کي آهي جن کي چيو ويو آهي تہ هو سڀ گويا هڪ آکهہ جا ڀاتي آهن ۽ سندن تقسيم قومن ذاتين ۽ پاڙن ۾ هئڻ ڪري هڪ ٻئي کان جدا نہ ٿيڻ گهرجي. پر هڪ ٻئي جي وڌيڪ واقفيت هئڻ گهرجي. هن وسيع برادري ۾ هڪ ٻئي تي فضيلت جو مدار ذات دولت ۽ پوزيشن تي نہ آهي پر فرضن جي بجا آوري ۽ پرهيزگاري ۽ اخلاقي بلندي تي آهي.

هن آيت ۾ ”اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَالَّذِيْنَ هَادُوْا وَالنَّصٰرٰى الخ ۽ بَلٰى ۚ مَنْ اَسْلَمَ وَجْهَهٗ لِلّٰهِ وَهُوَ مُحْسِنٌ الخ مان هي سوال ٿو اٿي تہ جيڪڏهن غير مسلمان پرهيزگار هجن. الله تعاليٰ ڏانهن متوجہ هجن ۽ چڱايون ڪن يا الله ۽ آخرت ۾ ايمان آڻن ۽ چڱا ڪم ڪن تہ پوءِ الله تعاليٰ وٽ محبت پائيندا ۽ بهشت ۾ ويندا يا؟ منهنجو خيال آهي تہ جنهن صورت ۾ هن وقت فقط قرآن شريف ئي الله تعاليٰ جو ڪلام صحيح سلامت موجود آهي تہ پوءِ اهي غير مسلمان جي قرآن شريف تي ايمان نٿا آڻين ۽ ان کي ڪامل نٿا سمجهن تن کي ڪهڙي خبر تہ ڪهڙا عمل چڱا آهن ۽ ڪهڙا خراب؟ الله تعاليٰ ۾ ايمان آڻڻ جي معنيٰ آهي سندس حڪمن جي پيروي ڪرڻ ۽ سندس حڪم آهن قرآن شريف ۾. پوءِ ڪيئن چئبو تہ غير مسلمان الله تعاليٰ ۾ ايمان ٿا آڻين يا چڱا عمل ٿا ڪن يا پرهيزگار آهن. ها ايترو سو آهي تہ ڪيترا غير مسلمان گهڻن ئي نالي جي مسلمانن کان عملن ۽ اخلاقن ۾ بهتر آهن. پر ان جو سبب هي آهي تہ اُهي مسلمان جاهل. احمق ۽ اسلام کان غير واقف آهن ۽ هو غير مسلمان علم وارا عاقل ۽ ڪجهہ قدر علم ۽ عقل ۽ چڱن اخلاقن وارا غير مسلمان چڱا آهن. هن سوال ۾ مان وجهڻ نہ ٿو گهران مگر ظاهر آهي تہ جاهل ۽ فاسق مسلمان پنهنجي جهل بدڪارين جو نتيجو ضرور ڏسندا ۽ غير مسلمان جيڪي الله تعاليٰ سان ڪنهن کي شريڪ نٿا ڪن ۽ ڪي چڱا ڪم بہ ڪن ٿا سي بہ ان جو نتيجو ڏسندا. الله تعاليٰ ڪنهن بہ اخلاص واري ماڻهو جي چڱائي نہ وڃائيندو. والله اعلم بالصواب (هي مسئلو عقائد سان تعلق رکي ٿو جنهن تي توحيد پاران ڪنهن وقت روشني وڌي ويندي) (مدير)

14) بدوي ۽ عرب ٿا چون تہ اسان ايمان آندو آهي. انهن کي چؤ تہ اوهان ايمان ڪو نہ آندو آهي. پر چؤ تہ اسان تابعداري (يعني) فرمانبرداري ۽ اطاعت ٿا ڪريون ۽ اوهان جي دلين ۾ اڃا ايمان داخل ئي نہ ٿيو آهي ۽ جيڪڏهن اوهان الله تعاليٰ ۽ سندس رسول جي فرمانبرداري ڪيو تہ پوءِ هو اوهان جي عملن مان ڪجهہ بہ نہ گهٽائيندو. تحقيق الله تعاليٰ غفور ۽ رحيم آهي.



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

**نوٽ :-** 12 آيت جي نوٽ ۾ جيڪي مون جاهل ۽ فاسق ۽ نالي جي مسلمانن بہ نسبت چيو آهي تنهن ۾ نهايت نرمي اختيار ڪئي اٿم ڇو تہ جاهلن ڪي نڪا عقيدن جي خبر نہ ڪا حڪمتن جي خبر. پوءِ اهو ڪهڙي قطار ۾ اچي ٿا سگهن. هن آيت 14 ۾ ڄاڻائي آهي تہ خالي ايمان ڪيتري قدر ڪارائتو آهي. مقصد آهي الله ۽ الله جي رسول جي حڪمن جي پيروي. مسلمانو! اڪيون پٽيو ۽ ڏسو تہ توهان ڪيتري قدر الله تعاليٰ جي نعمتن جا حقدار آهيو، دنيا ۽ آخرت ۾.

15) (15) ايمان وارا فقط اُهي آهن جي الله ۽ سندن رسول ۾ ايمان ٿا آڻين. پوءِ ڪو بہ شڪ نٿا آڻين ۽ پنهنجي مال ۽ جانين سان الله تعاليٰ جي راه ۾ جهاد (ڪوشش) ٿا ڪن، اُهي آهن سچا.

**نوٽ :-** هن آيت ۾ اجا بہ وڌيڪ ڄاڻائي ٿيل آهي تہ ايمان وارا اُهي نہ آهن جي خالي ايمان ٿا آڻين پر اُهي ايمان وارا آهن جي ايمان سان گڏ پنهنجي مال ۽ جانين سان الله تعاليٰ جي راه ۾ جهاد ٿا ڪن. ٻيا تہ ڇڏيو پر پير سڳورا خدا جي راه ۾ پنهنجي جان ۽ مال قربان ٿاڪن يا پنهنجي راه ۾ ٻين ڪي مال قربان ڪرڻ لاءِ چئي رهيا آهن.

*(توحيد آڪٽوبر 1934ع)*


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# قرآن شريف معنيٰ سان نه پڙهڻ گهرجي ڇا؟

ڪي شايد ائين سمجهندا هوندا ته گدو بندر اسپتال کان ٻاهر هوندو هو. ڇوندو ته قرآن شريف معنيٰ سان نه پڙهڻ گهرجي، پر واقعي اسان سنڌ جا مسلمان گدو بندر جي چرين جي اسپتال ۾ داخل ٿيڻ جا حقدار آهيون، ڇو ته اسان مان ٻيا ته ڇڏيو پر سوَ مان نوانوي مولوي اهڙا آهن جي قرآن شريف فقط چپن ۽ زبان سان پڙهندا آهن نه دل ۽ دماغ سان. هو لفظ پڙهندا آهن نه لفظ جو مطلب ۽ هو ٻين کي به قطعن منع ڪندا آهن ته قرآن شريف معنيٰ سان هرگز نه پڙهو. معنيٰ سان پڙهندو ته گمراهه ٿي ويندا بلڪ ڪافر ٿي پوندو. هو چوندا آهن ته قرآن شريف کي سمجهڻ مشڪل بلڪ محال آهي تنهنڪري ان کي معنيٰ سان پڙهڻ نقصان ڪار آهي. ان کي بنا سمجهڻ جي فقط ثواب لاءِ پڙهڻ گهرجي، ۽ عمل ۽ هدايت لاءِ فقه شريف ۽ عالمن جا لکيل ڪتاب ۽ فتوائون پڙهڻ گهرجن. منهنجي حيرت جي حدئي ڪان رهي جڏهن ڏٺم ته هڪ ديندار، زاهد، عابد، عربي دان ۽ انگريزي دان، اٽندي، وهندي ۽ گهمندي قرآن شريف تڪڙ و تڪڙو ٻي پڙهيو. ڇيومانس ته توهان به ته رڳو لفظ ٽا پڙهو، ۽ مطلب ڏي خيال ڪون ٽا ڪريو. تنهن تي هو اڃي مٿيو ۽ چوڻ لڳو ته قرآن شريف ڪو سولو ڪتاب آهي ڇا؟ قرآن شريف جي سمجهڻ لاءِ ٻهريائين ڪن چوڏهن علمن ۾ ماهر ٿجي پوءِ قرآن شريف معنيٰ سان سڪڻ جي ڪوشش ڪجي. مون ڇيومانس ته جيڪڏهن انهن چوڏهن علمن پڙهڻ کان سواءِ قرآن شريف معنيٰ سان نٿو پڙهي سگهجي ته تڏهن اسان سيني ڪي قرآن شريف معنيٰ سان نه پڙهڻ گهرجي ۽ جن عالمن ترجما ۽ تفسير لکيا آهن تن يوڪپائي (چريائي) ڪري پنهنجا تفسير مسلمان کي گمراه بلڪ ڪافر ڪرڻ لاءِ سندن پيش ڪيا آهن. انهن عالمن چو نه ديباچ ۾ ائين لکيو ته هي تفسير اهو شخص پڙهي جنهن فلاڻا چوڏهن علم پڙهيا هجن؟ پوءِ ڇيائين ته ٻهريائين ڪنهن عالم کان يا ڪنهن معتبر ڪتاب مان صحيح عقيدا سڪڻ گهرجن. پوءِ جيڪڏهن ڪو چڱو عالم ڪنهن شخص کي اجازت ڏئي ته پوءِ ڀلي قرآن شريف معنيٰ سان پڙهي نه ته نه. مون ڇيومانس ته مهرباني ڪري پنهنجا خيال لکي ڏيو ته اخبار ۾ ڇپاريان مگر لکي به ڪين ڏنائين. هو جڏهن پاڻ ئي قرآن شريف کي رڳو ثواب لاءِ تو پڙهي ته پوءِ هو


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

ڪئين فتويٰ ڏيندو ته ٻين کي قرآن شريف معنيٰ سان پڙهڻ گهرجي. ساڳيءَ طرح ٻيا عالم به قرآن شريف جي مطلب سمجهڻ ۽ ان تي غور فڪر ۽ تدبر ڪرڻ کان بلڪل پري آهن. سواءِ ڪن ٿورن عالمن جي جن کي ٻيا عالم وهابي گمراه ۽ ڪافر ٿا ڪوٺين.

اهڙي حالت ڇو ٿي آهي؟ حقيقت هي آهي ته قرآن شريف جو مقصد آهي اخلاقي ۽ مالي ترقي تي. قرآن شريف سيڪاري ٿو ته دنيا جي سيني امورن ۾ ڪهڙيءَ طرح هلجي. مگر دنيا انهن ماڻهن جي هٿ ۾ اچي ويئي آهي جي الله تعاليٰ جي متابعت ۽ مسلمانن جي سڌاري ۽ ترقيءَ بدران پنهنجي حرص و هوائن، نفسانيت، خودغرضين، عيش عشرتن ۽ شيطان جي متابعت ۾ مبتلا ٿي ويا. يزيد کان وٺي جيڪي بادشاه ٿيا سي نيڪ مسلمانن جا چونڊيل نه هئا پر پنهنجي زور زبردستي سان بادشاهه ٿيا ۽ پنهنجي ئي خيالن ۽ غرضن موجب مسلمانن تي حڪومت هلايائون. بادشاهي موروثي ٿي پئي يعني جيڪڏهن هڪ بادشاه مرندو هو ته ان جو پٽ يا ڪو ٻيو وارث بادشاهه ٿيندو هو. هنن بادشاهن جي زور زبردستي تي ڪا به روڪ ڪا نه هوندي هئي. پهريان بادشاهه بيشڪ قدري عالمن جون فتوائون وٺندا هئا ۽ ڪورٽن ۾ اسلامي قانونن موافق فيصلا قاضي ڪندا هئا. پر عالمن کان زبردستي سان يا لالچون ڏيئي ڪوڙيون ۽ غلط فتوائون به وٺندا هئا ۽ ڪوڙيون حديثون به رائج ڪرائيندا هئا. جيئن پوءِ تيئن بادشاهه عياش ۽ ظالم ۽ اسلام کان بي پرواهه ٿيندا ويا. تنهنڪري جئين پوءِ تيئن بگاڙو ٿيندو ويو. نيڪ عالمن جو دنيائي امورن تي ڪو اختيار ڪونه رهيو. تنهنڪري هنن گوشه نشيني اختيار ڪئي ۽ رڳو نماز وغيره تي زور ڏنو. تصوف وارن وري دل جي پاڪيزگي وغيره تي زور ڏنو ۽ رفته رفته تصوف به بگڙي ويو. تصوف وارن قرآن شريف جي آيتن جون معنائون ئي پنهنجون ٺاهيون. آخر عالمن جو ڪم وڃي ٿيو فقط نماز، وضوء، روزي وغيره جا فروعي مسئلا سکڻ ۽ سيکارڻ ۽ تصوف جو ڪم ٿيو فقط وجود کي وسارڻ. نشو ۽ عشق بازي ڪرڻ. نماز، روزي ۽ قرآن شريف کان پري پڇڻ ۽ دنيا کان غافل رهڻ، مگر دنيا وارن کان مڪر ۽ فريب سان پني پيٽ ڀرڻ. جڏهن قرآن شريف کان دنيائي امورن ۾ رهبري ۽ هدايت وٺڻ جي ضرورت ئي ڪانه رهي تڏهن ان کان ٻيا ڪم وٺڻ شروع ٿيا. فالون وٺڻ، تعويذ لکڻ، قرآن بخشڻ، اسقاط، ڪرائڻ بيمار جي سيني تي رکڻ، گهرن يا ڳوٺ جي چوڌاري ڦيرائڻ، قرآن جو قسم ڏيڻ، قرآن مٿي تي يا هٿن ۾ ڏيئي سچي ڳالهه ڪرائڻ، ڪن سورتن کي بار بار پڙهي جنن کي تابع ڪرڻ، بيمارن کي شفا ڏيڻ، ۽ ڪي ڪرشما ڪري ڏيکارڻ. پوءِ ته ڪرامتن جي ڪوڙن قصن جي ڏم لڳي ويئي، ڇي فلاڻي شخص کي ياسين سڳوري تي اهڙو عمل هو جو سندس لاءِ آسمان تان ڏاڪون پلاءَ جو لهي ايندو هو. فلاڻي کي الرَحمن سڳوريءَ اهڙو فيض ڏنو جو ڪوه جي پاڻيءَ


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

کي حکم کندو هو تہ پاڻي مٿي چڙهي ايندو هو. فلاڻو قل يا سڳوري پڙهي بيمار تي شوڪاريندو هو تہ بيماري بروقت هلي ويندي هئي وغيره وغيره.

وري ائين بہ ناهي تہ عمل ۽ هدايت جي لاءِ رڳو قرآن شريف کي ترڪ ڪيو ويو، بلڪ حديثن کي بہ قطعن ترڪ ڪيو ويو جو تہ صحيح حديثون قريبن اُها ئي تعليم ٽيون ڏين جا قرآن شريف ۾ آهي. رسول الله ﷺ ۽ اصحابن سڳورن جي عملي زندگي ۽ اخلاق جي قرآن شريف ۽ حديثن ۾ اسانجي رهبري لاءِ موجود آهن تن کي قطعن ترڪ ڪيو ويو. رسول الله ﷺ جي هڪ خيالي تصوير ڪڍي. ڪين فقط معجزن جو مجسمو سمجهيو ويو. انسان ۽ رسول جي درجي کان مٿي چاڙهي ڪين الوهيت جي درجي تي پهچايو ويو. جئين هڪ شاعر چيو آهي :- لگا هي ڍر شريعت کا نهين تو کهه دون خدا تم هو. رسول الله ﷺ بہ نسبت جيڪو گهڻو ذڪر ڪيو ويندو هو سو فقط معراج ۽ شفاعت جو.

حقيقت هي آهي تہ قرآن شريف سراسر علم آهي ۽ عملي زندگي لاءِ سيني مکيہ امورن لاءِ حکم ۽ هدايتون ڏيندڙ آهي جن تي عمل ڪرڻ ڪري انسان اخلاقي ۽ دنيوي ترقين جي معراج تي پهچي ٿو وجي جيئن اوائلي مسلمان سچ پچ عملن ۽ هنرن ۾ سڀني دنيا جي قومن کان گوءِ ڪٽي ويا. دولتمند ٿي پيا ۽ اڌ دنيا تي حکمران ٿي ويا. مگر پويان مسلمان قرآن شريف کي ترڪ ڪري پنهنجي پنهنجي خيالن موجب فرقا ٺاهي قوم ۾ تفرقا وجهي فاسق ۽ جاهل بلڪ ڪي تہ ڪافر ٿي قوم کي ڪمزور ۽ ذليل ڪري دولتمندي ۽ بادشاهي وڃائيندا سڃا ۽ تباهہ ۽ غلام ٿيندا ويا. هي بہ بلڪل غلط آهي تہ قرآن شريف کي سمجهڻ مشڪل يا محال آهي. قرآن شريف جهڙو سولو ڪتاب دنيا ۾ ڪونهي. خود الله تعاليٰ بار بار قرآن شريف ۾ فرمائي ٿو تہ قرآن شريف سولو ۽ چٽو آهي. خلفاءِ راشدين قرآن شريف جا نقل ڪرائي بنا تفسير عربي خواه عجمي ماڻهن کي ان جي پڙهڻ جو تاڪيد ڪندا هئا ۽ ان تي ئي عمل ڪرڻ جو ارشاد ڪندا هئا. پوءِ ڪهڙو سبب آهي جو اسان ترجمن ۽ تفسيرن جي مدد سان بہ قرآن شريف نہ سمجهي سگهنداسين. هاڻ! هڪڙو سبب هي بہ آهي تہ ترجما تحت لفظي ۽ ردي سنڌي ۾ لکيل آهن. تفسير وري ڪي اهڙا آهن جي عقل جي خلاف ۽ ترقيءَ بدران تنزل ڏي نيندڙ آهن. سنيو سڌيون ۽ سهٽيون معنائون ڇڏي اونهيون ۽ غلط معنائون ڪڍيون ويون آهن. منهنجو خيال آهي تہ سنڌي ترجمو انهيءَ ساڳيءَ ڍنگ ۾ لکڻ گهرجي جنهن ڍنگ ۾ مولانا ابوالڪلام آزاد قرآن شريف جو ترجمو لکيو آهي. جيستائين اهڙو ترجمو ڪو صاحب تيار ڪري ڇپارائي تيستائين مرحوم مولوي محمد عثمان جو ترجمو غنيمت سمجهڻ گهرجي. هر هڪ سيپاره جو هديہ فقط ڇهہ آنہ آهي. جيڪڏهن ڪو مسلمان سال ۾ ڇهہ آنا الله جي ڪلام پڙهڻ لاءِ خرچ ڪرڻ پسند نٿو ڪري تنهن جي مسلماني ۾ شڪ آهي. حيف آهي اسان جي حال تي جو عمر


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

مارئي، سسئي پنهون، مومل راڻو، گل بڪاولي، چاردرويش، عشقي قصا ۽ غزل ۽ ڪافيون پڙهون ٿا. مگر الله جو ڪلام ۽ الله جي رسول ﷺ جو ڪلام اسان ڪي نٿو وڻي ۽ جن ڪي الله جو ڪلام ۽ الله جي رسول ﷺ جو ڪلام نٿو وڻي تن ڪي مسلمان سڏائڻ جو ڪهڙو حق آهي؟

سيني روشن خيال صاحبن ۽ ايڊيٽرن ۽ وعظ ڪندڙن ڪي منهنجي استدعا آهي ته ماڻهن ڪي قرآن شريف ۽ صحيح بخاري معنيٰ سان پڙهڻ جي هدايت ڪن.



سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ پاڳي پائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# پٽين جي سينگار ۽ نصيحت لاءِ چند آيات واحاديث وغيره

1 - حديث: طلب العلم فريضته على كل مسلم و مسلمته يعني علم جي طلب ڪرڻ سڀ ڪنهن مسلمان مرد خواه عورت تي فرض آهي.

2 - ڪلمه شريف لا اله الا الله محمد رسول الله يعني خدا تعاليٰ کان سواءِ ڪو معبود ڪونهي جنهن جي عبادت يا ٻانهپ ڪئي وڃي حضرت محمد ﷺ الله تعاليٰ جو پيغام آڻيندڙ ۽ موڪليل آهي.

3 - الله اڪبر يعني الله تعاليٰ سڀني کان وڏو آهي.

4 - قول: شرف الانسان بألعلم والادب لابألمال والنسب يعني انسان جي عزت علم ۽ ادب سان آهي نه دولت ۽ خانداني سان.

5 - آيت: ان اڪرمڪم عند الله اتقاڪم يعني الله تعاليٰ وٽ اوهان مان وڌيڪ عزت وارو اهو آهي جو اوهان ۾ وڌيڪ پرهيزگار هجي.

6 - حديث: من اعظم الخطاءِ اللسان الڪذب يعني سڀني گناهن کان وڏو گناه ڪوڙي زبان آهي.

7 - حديث: المسلم من سلم المسلمون من لسانه و يده يعني پورو مسلمان اهو آهي جنهن جي زبان ۽ هٿ (جي ايذاءَ) کان مسلمان سلامت هجي.

8 - حديث: المهاجرمن هجر مانهى الله عزوجل منه يعني مهاجر اهو آهي جو الله تعاليٰ جي منع ڪيل شين کان پري ڀڄي.

9 - حديث: اربع من ڪن فيه ڪان منا فقا ومن ڪانت فيه خصلته منهن ڪانت فيه خصلته من النفاق حتى يدعها اذا اوتمن خان واذا حدث ڪذب واذا عاهد غدر واذا خاصم فجر يعني اهو شخص جنهن ۾ هي چار خصلتون آهن سو ..... منافق ۽ جنهن ۾ انهن مان هڪڙي خصلت آهي تنهن ۾ نفاق جي ..... ٻه خصلت آهي جيستائين ان ڪي ڇڏي ڏئي. 1 - جڏهن وٽس امانت ..... هجي ته خيانت ڪري 2 - ڳالهه ڪري ته ڪوڙ ڳالهائي 3 - انجام ڪري ته ڦري وڃي 4- پاڙي ۾


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

جهيڙو ڪري ته گاريون ڏئي.

10 - حديث: ان الحياءِ والايمان قرناءَ جميعا فاذا رفع احد ..... رفع الخر يعني لڄ ۽ ايمان ٻه گڏيل سڱ آهن پوءِ جڏهن انهن مان هڪڙو مٽي تو ڪڇي ته ٻيو به ڪڇي ٿو وڃي يعني جنهن کي حياءِ ڪونهي تنهن کي ايمان ڪونهي.

11 - حديث: الجنته تحت اقدام الوالدين يعني بهشت ماءُ پيءُ جي پيرن هيٺان آهي.

12 - حديث: لايزني الزاني حين يزني وهو مومن لايسرق ..... السارق حين يسرق وهو مومن لايشرب الخمر حين يشربها ..... مومن لايغل احد کم حين يغل وهو مومن فايا کم ايا کم يعني اهو شخص مومن نه آهي جيڪو زنا ٿو ڪري يا چوري ٿو ڪري يا شراب ٿو پيئي يا امانت ۾ خيانت ٿو ڪري. خبردار! خبردار!

13 - اللهم اني اعوذبک من العجز والکسل والجبن يعني سائين! مون کي جڏائي، سستي ۽ بزدلي کان رکي وٺ.

14 - حديث: بعثت لا تمم مکارم الاخلاق يعني مان موڪليو ويو آهيان ته اخلاقي خوبين کي ڪماليت وٺايان يعني ان جو مقصد ئي آهي چڱا اخلاق سيکارڻ.

15 - حديث: خير الناس من ينفع الناس يعني سڀ کان چڱو انسان اهو آهي جو ٻين انسانن کي فائدو پهچائي.

16 - آيت: لعنت الله علي الکاذبين يعني ڪوڙن تي الله تعاليٰ جي لعنت آهي.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# مذهب ڇا آهي

اڄ ڪلهه نه رڳو غير مسلم پر اڪثر مسلم به چوندا آهن ته مذهب هڪ شخصي ڳالهه آهي. مذهب سان سوسائٽي يا حڪومت جو ڪو به واسطو ڪونهي. اهڙن مسلمانن کي اسلام جي ذرو به خبر ناهي. مذهب جي معنيٰ آهي هلڻ جي واٽ- چوويهن ئي ڪلاڪن ۾ جيڪي جيڪي اسان ڇئون ۽ ڪيون ٿا سو مذهب آهي ۽ مذهب ۾ داخل آهي. اسلام اسان کي سيني دنيائي ڪمن بنسبت حڪم ڏنا آهن. خصوصن اخلاقي، معاشرتي ۽ سياسي بگاڙ کان منع فرمائي آهي. امام ابو يوسف ۽ امام محمد جواز لاءِ خيبر جي واقعي کي پيش ڪيو آهي ان جي پوري ترديد فقه حنفي جي مجتهد امام ابوبڪر جصاص رازي حنفي احڪام القران ۾ بيان فرمائي آهي. ديوبند جي هڪ وڏي عالم، محقق مولانا محمد ابراهيم صاحب مسلم شريف جي قلمي حاشيه ۾ فرمائي ٿو ته مزارعت جي مسئلي ۾ امام ابو حنيفه جا دلائل ٻين کان قوي آهن پر افسوس جو تن جي مقلدن ان تي عمل ڇڏي ڏنو آهي.

اسان جا علماءَ سڳورا اهڙن فروعي مسئلن ۾ وقتي ضرورتن ۽ ماحول جو ڪو به خيال نه ٿا ڪن، خراساني فقهاءِ جنهن قول کي مفتي به چئي ويا ان کي قيامت تائين جاري ۽ اٽل ڄاتو وڃي ٿو. حالانڪ اهڙن معاملن بنسبت تفصيل وار هدايتون ڏنيون آهن. قرآن شريف ۾ نه رڳو نڪاح، طلاق، موروثي جا قانون ۽ ٻيا سوال ۽ فوجداري قانون ڏنل آهن، پر صلح ۽ لڙائي، واپار وغيره ۽ هڪ ٻئي سان روش ۽ هڪ ٻين جي حقن ۽ جوابدارين بنسبت به مفصل حڪم ڏنا آهن. اڄ ڪلهه جا جاهل مسلمان سمجهندا آهن ته اسلام آهي فقط نماز روزا حج صلواتون ۽ وظيفا پڙهڻ وغيره. تنهنڪري ئي چالاڪ سياسي ليڊر ۽ يورپي خيالن وارا مسلمان چوندا آهن ته مذهب شخصي ڳالهه آهي. مسئلن ۾ بالڪل گنجائش آهي. جنهن جو ثبوت امام ولي الله دهلوي جي تصنيفات ۾ ئي بيشمار جاين مان ملي ٿو. اهڙي صورت ۾ وقتي ضرورتن کي ڦٽو ڪري ڇڏڻ ڪميونسٽ تحريڪ کي هٿ سان زور وٺائڻو آهي. الله پاڪ اهڙن عالمن کي سمجهي عطا فرمائي.

سنڌ جي مفتي مولانا محمد صادق صاحب هڪ فتويٰ ڇپائي پڌري ڪئي آهي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

جنهن ۾ زمينداري نظام کي ناجائز قرار ڏنو ويو آهي. مولانا موصوف هڪ وڏو فقيهه ۽ شيخ الهند رهه جو پراڻو شاگرد آهي. ان جي فتويٰ کي سنڌ ۽ بلوچستان ۾ قبول ڪيو وجي ٿو. ويچارو علاءُ الدين سمون ته ڪميونسٽ آهي (هوڏانهن اسان کي جاڻ آهي ته هو پڪو نيڪ نمازي آهي) باقين لاءِ ڪهڙي ٿي فتويٰ صادر ٿئي؟

وما علينا الا البلغ

اڪثر مسلمان چوندا آهن ته جنهن فقط ڪلمو شريف پڙهيو سو مسلمان آهي ۽ بهشت ۾ ويندو. جن جن ائين ئي چيو آهي تن ئي سچي اسلام کي ملڪ نيڪالي ڏئي ڇڏي آهي. اسلام نالو آهي الله تعاليٰ جي پوري پوري فرمانبرداري جو، يعني سيني حڪمن جي بجا آوري. عبادت جي معنيٰ به آهي الله تعاليٰ جي ٻانهپ يعني سيني حڪمن ۽ قانونن جي تعميل. لا اله الا الله جي معنيٰ آهي ته اسانجو معبود فقط الله تعاليٰ آهي. الله جي حڪمن خلاف جيڪو شيطاني حرصن تي عمل ڪري ٿو يا ڪنهن ٻئي اسان جي حڪمن تي هلي ٿو سو شيطان جو بندو آهي ۽ شيطان کي يا ڪنهن ٻئي انسان کي پنهنجو خدا ڪري ٿو وٺي. هاڻي سوال ٿو اٿي ته الله تعاليٰ جا احڪام ڪهڙا آهن جن جي تعميل ڪري فقط الله جا بندا بڻجي وڃون. ان جو جواب آهي محمد رسول الله يعني الله جا حڪم اهي آهن جي حضرت محمد ﷺ ٻڌايا يعني قرآن ۽ حديثون.

قرآن ۽ حديثن ڇا سيکاريو آهي تنهن سوال تي اچڻ کان اڳي ڪجهه تاريخي واقعات بيان ٿو ڪيان. قرآن شريف ۾ بار بار فرمايل آهي ته جيڪي مومن آهي سي غالب رهندا ۽ حاڪم ٿيندا ۽ زمين جا وارث ٿيندا بشرطيڪ هو صالح عمل ڪندا. سچ پچ ٿيو به ائين جو عرب جون وحشي ذليل سڃيون ۽ غلام قومون دنيا تي غالب ۽ حڪمران ٿي ويون ۽ علم دولت ۽ تهذيب ۾ سيني غير مسلمن کان گوءِ کٽي ويون. مگر پوءِ هنن صالح عمل ڇڏي ڪيا ۽ وري هر طرح ذليل ٿي ويا. ائين ڇو ٿيو؟ فقط هن ڪري جو خلافت جي سوال تي ۽ ڪن ٻين سببن ڪري اسلامي اتحاد ۾ ڀائيپي ٽٽي پئي. يزيد جي زماني کان وٺي چونڊ واري خلافت جي بدران مورثي ۽ جابر بادشاهه ٿيا جن رعيت کي پنهنجي حڪمن تي هلايو اگرچه اهي حاڪم الله جي حڪمن مطابق نه هئا. بادشاهن پاڻ به اسلامي حڪمن تي هلڻ ۾ غفلت ڪئي ته رعيت به بگڙندي ويئي. بادشاهن عالمن کي خريد ڪري يا ڌمڪائي ڪوڙيون حديثون ٺهرايون ۽ غلط فتوائون ڏياريون. چڱن عالمن کي به مجال نه هئي جو سياسي معاملن ۾ دست اندازي ڪري حاڪمن ۽ اميرن جي خلاف ڪجهه چون يا سندن بد اخلاقين ۽ بدعملن بنبست ڪڇن. نتيجو اهو ٿيو جو بادشاهن ۽ اميرن جو مثال وٺي عام ماڻهو به اڪثر ڪري بداخلاق ۽ بدعمل ٿي ويا ۽ اسلام جو رڳو نالو رهجي ويو.

اسلام ڇا ٿو سيکاري. لفظ اسلام جي معنيٰ آهي الله تعاليٰ جي اڳيان پوريءَ


www.sindhsalamat.com
سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

طرح سر جهڪائڻ يعني پوريءَ طرح سيني حڪمن ۽ قانون جي پيروي ڪرڻ. اسلام آهي شيطان جي نافرماني ڪرڻ، لا اله الا الله جو مطلب به اهو ئي آهي ته اسان فقط الله تعاليٰ کي پنهنجو حاڪم بنايو ۽ فقط سندس بندا ٿيون اياڪ نعبد جي معنيٰ آهي ته اي رب سائين! اسان فقط تنهنجي ٻانهپ ٿا ڪيون ۽ ڪنداسين. حضرت محمد رسول الله ﷺ جن فرمايو آهي ته مان هن لاءِ نبي ڪري موڪليو ويو آهيان ته سهڻن اخلاقن کي ڪماليت وٺايان ۽ بهشت ۾ فقط اهو ويندو جنهن جا اخلاق چڱا آهن. قرآن شريف ۾ الله تعاليٰ حضرت جن کي فرمائي ٿو ته بيشڪ تون اعليٰ اخلاقن تي بيٺل آهين.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

# اسلام ۽ سلامتي

اسان مسلمان هر هڪ فرضي نماز بعد سلامتيءَ جي دعا گهرندا آهيون نہ رڳو پاڻ لاءِ پر سيني لاءِ. انهيءَ دعا جي معنيٰ بلڪ سيني دعائن جي معنيٰ سڪڻ گهرجي. لفظ اسلام جي هڪڙي معنيٰ صلح سلامتي ۽ امن امان بہ آهي. اللّٰه تعاليٰ جو هڪڙو صفاتي نالو آهي اسلام، يعني سلامتي ڏيندڙ. بهشت کي پڻ دارالسلام سڏبو آهي يعني سلامتي جو گهر. جتي فرشتا ماڻهن کي بار بار چوندا السلام عليڪم يعني اوهان تي سلام هجي. جتي هڪ ٻئي کي بہ انهن ئي لفظن ۾ بار بار کيڪاريندا ۽ چوندا تہ اوهان تي سلامتي هجي. هن دنيا ۾ بہ اسان جي کيڪار ۽ ڀليڪار آهي السلام عليڪم يعني اوهان تي سلامتي هجي. افسوس جو اڄ ڪلهہ انهي سهڻي دعا جا رسمي بي معنيٰ الفاظ تي ويا آهن. حقيقت هيءَ آهي تہ جيڪو انسان ٻئي ڪنهن کي السلام عليڪم چوي ٿو سوڪيس ٻڌائي ٿو تہ مان تنهنجي سلامتي چاهيان ٿو، مان تنهنجو خير خواهہ آهيان ۽ مون منجهان توکي ڪنهن بہ قسم جي ايذاءِ يا نقصان جو انديشو ڪونهي. پر اڄ ڪلهہ ذري گهٽ هر هڪ مسلمان پنهنجي غرض لاءِ ٻين جو نقصان ڪرڻ کان ڪو نہ ٿو گسي اگرچہ زبان سان سڀ ڪنهن کي السلام عليڪم چوي ٿو.

حديث موجب مسلمان اهو آهي جنهن جي هٿ ۽ زبان کان ٻيا مسلمان سلامت هجن. يعني ڪو بہ مسلمان ڪنهن ٻئي کي نڪي گار يا ڳالهہ ڏيئي ٿو سگهي، نڪي گلا ۽ غيبت ڪري ٿو سگهي، نڪي ڪنهن تي بهتان مڙهي ٿو سگهي، نڪي ڪوڙو وعدو ڏيئي ٿو سگهي، نڪي وڙهڻ، چوري ڪرڻ، پراون حقن ڪائڻ، ڌاڙن هڻڻ يا خونريزي ڪرڻ جهڙا ڪم ڪري ٿو سگهي. ٻي حديث شريف ۾ آهي تہ بهترين انسان اهو آهي جو ٻين کي نفعو پهچائي. ان مان هيءَ معنيٰ بہ ڪڍي سگهجي ٿي تہ بدترين انسان اهو آهي جو ٻين کي نقصان پهچائي.

اڄوڪي زماني ۾ اسان مسلمانن ۾ ڪيتري قدر مسلماني يا سلامتي وڃي رهي آهي سا ڪنهن کان بہ ڳجهي ڪانهي. اوائلي زماني ۾ سڀ مسلمان ڀائر تي رهندا هيا، مگر اڄ ڪلهہ سڳا ڀائر هڪ ٻئي جا دشمن ٿي پيا آهن. آفيسر ۽ ڪامورا رشوتن ۽


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

رساين ونڻ سان ملڪ کي تباهہ ڪري رهيا آهن. ٻهراڙيءَ ۾ زميندارن ۽ پوليس وارن اهڙو ظلم مچايو آهي جو مال ملڪيت، ڍڳي ڍور، گهر ٻار، بلڪ جان ۽ عورتن جي عصمت جي سلامتي بہ ڪانهي. مسڪينن کي بيگر ۾ وهايو وڃي ٿو ۽ ڪين گاريون ڏنيون وڃن ٿيون. زميندار فرعون جو پارٽ ادا ڪري رهيو آهي تہ ٻهراڙيءَ جو مسلمان بني اسرائيلن وانگر غلاميءَ جو پارٽ ادا ڪري رهيو آهي. هو خدا کي ڇڏي زميندار جو غلام بنجي ويو آهي. جيڪڏهن هاڻي بہ هو فقط خدا جي ٻانهپ اختيار ڪري تہ سلامتي، عزت ۽ دولت سندس پير اچي چمي.

وڏا واپاري ۽ ڪارخانيدار ڪامورن کي رشوتون ڏيئي اگهہ چاڙهائي ڪروڙ پتي ٿين ٿا ۽ ملڪ کي تباهہ ڪن ٿا. ننڍا واپاري ۽ دڪاندار گاڏڙ ۽ نقلي ردي شيون وڪڻي ماڻهن کي بيمار ۽ سجو ڪن ٿا. پير، فقير، ملان، مجاور، فالون وجهندڙ، ٽوڻا ڦيڻا ڪندڙ، تعويذ لکندڙ وغيره پنهنجن فريبن ۽ مڪرن سان ماڻهن جا ڪيسا ڪتري رهيا آهن. مطلب تہ قوم جا اڌ جيترا ماڻهو باقي اڌ جيترن ڪمائيندڙ ماڻهن جو رت چوسي رهيا آهن.

هو سڃا ۽ ضعيف بيمار آهن ۽ جاهل ۽ بي هنر آهن تنهنڪري دولت بہ گهٽي پيدا ڪري نٿا سگهن. جيڪا ٿوري دولت پيدا ڪن ٿا سا وري ٻيا عيش عشرتن ۽ شراب خوري تماشن ۽ نمائشن ۾ اڏائي ٿا ڇڏين.

هر هڪ مسلمان تي فرض آهي تہ نہ رڳو پاڻ کي سلامت رکڻ جي ڪوشش ڪري پر ٻين کي بہ ظالمن کان سلامت رکڻ ۽ ظلم جو مقابلو ڪري. جيڪڏهن ٻيا ماڻهو گڏجي ظلم جي خلاف مظلوم جي مدد ڪن تہ ظلم جو خاتمو ٿي وڃي. ساڳي طرح هر هڪ قوم تي فرض آهي تہ نہ رڳو پنهنجو بچاءُ ڪري پر ٻين قومن جي بہ سلامتي چاهي ۽ ظالم قوم جي خلاف مظلوم قوم جي مدد ڪري. ڏسو تہ زبردست ظالم قومون جرمني، جاپان، اٽلي ۽ فرانس وغيره گذريل لڙائي ۾ تباه ٿي ويو. پر ڪٽندڙ قومن مان بہ انگليند اڌ تباهہ ٿي ويو. ظالم نٿا سمجهن تہ ظلم جو نتيجو آخر تباهي آهي.

افسوس آهي تہ ايڊيٽر ۽ عالم، تقرير ۽ تحرير جا ماهر رڳو قلم زبان کان ڪم وٺي عوام کي سجاڳ ڪرڻ کان بہ قاصر رهن ٿا. ڪي اهو عذر پيش ڪن ٿا تہ سيفٽي ائڪٽ جي تلوار سندن گردن لاءِ تيار بيٺي آهي. لا الٰہ الا الله ۽ اسلام جي معنيٰ ۽ مقصد سمجهائڻ سان قوم ۽ گورنمينٽ جي سلامتي خطري ۾ پوندي ڇا؟ سيفٽي ائڪيٽ جي معنيٰ ئي آهي سلامتي لاءِ ائڪٽ. پوءِ صلح سلامتي ۽ امن امان قائم ڪرڻ لاءِ قلم ۽ زبان ڪم آڻن واري ئي سيفٽي ائڪٽ جو وار ڇو ڪيو ويندو؟ گهٽي ۾ گهٽو تہ بہ ذاتي غرضن لاءِ يا پارٽيبازي لاءِ شخصي حملن ڪرڻ وارن ۽ گورنمنٽ تي بدنيتي سان حملا ڪرڻ وارن تي سيفٽي قانون جي تلوار جو وار ڪيو ويندو نہ قوم


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

جي سلامتي، بهتري ۽ ترقي چاهيندڙن تي.

هن وقت اسان جو اولين فرض هي آهي ته اسان عوام کي اسلام ۽ صلح جي سلامتيءَ جي دعوت ڏيون کين سمجهايون ته ووٽ فقط انهن کي ڏيو جي علم اخلاق ۽ عملن ۾ ٻين کان بهتر هجن ۽ قوم جا سچا خيرخواه هجن نه انهن کي جي زاني، رشوتخور، ظالم، چورن ۽ پاتاريدارن جا يار ۽ مددگار هجن. هن وقت ڪي ووٽر ٺڳجي ڪوڙن خود غرضن کي ووٽ ڏين ٿا، پر گهڻا ووٽر ظالم زميندار ۽ ظالم ڪامورن کان ڊڄي يا ڪنهن لالچ هيٺ اچي بدڪار اميدوارن کي ووٽ ڏين ٿا يا لالچي پيرن، فقيرن جي چوڻ تي ظالمن کي ووٽ ڏيئي ملڪ ۽ قوم کي تباهه ۽ برباد ڪن ٿا. سچو مسلمان اهو آهي جو فقط الله کان ڊڄي نه ظالم زميندار يا ڪامورن يا پيرن کان. عوام کي سمجهائڻ گهرجي ته سندن حالت ڪهڙي نه دردناڪ آهي ۽ سڌريل ملڪن ۾ سجاڳ عوام ڪهڙا نه خوشحال ٿي ويا آهن ۽ ڪيتري قدر ڪامورن ۽ اميرن جي غلاميءَ ۽ ظالم کان آزاد ٿي ويا آهن. جيڪڏهن اسان عوام ۾ اها سجاڳي پيدا ڪيون ۽ ووٽ فقط انهن قومي خادمن کي ڏيون جي نيڪ ۽ بي غرض هجن ته پوءِ سلامتي ۽ امن امان اچي ويندو. قوم آزاد ۽ خوش حال ٿي ويندي ۽ اسلام وري عملاً زنده ٿي ويندو.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# مذهب ۽ اقتصادي حالت

اقتصاديات جا ماهر ۽ هوشيار مالي وزير پنهنجي پنهنجي ملڪ لاءِ مفيد ڪم ڪري رهيا آهن. پر جهڙيءَ طرح ڊاڪٽر ماڻهن ڪي صحت جي قانون ٻڌائڻ ۽ بيمارين ڪي روڪڻ تي ايترو ڌيان نٿا ڏين جيترو بيمار ماڻهن ڪي دوائون ڏيڻ تي تهڙيءَ طرح اقتصاديات جا ماهر بہ بنياد جو خيال رکڻ ڪان سواءِ هوا ۾ عمارتون اڏڻ ۾ وڌيڪ مشغول آهن. قوم فردن مان ٺهيل آهي. جيڪڏهن فرد جاهل بيمار ضعيف ۽ بداخلاق آهن تہ ڪافي دولت ڪئين پيدا ٿيندي ۽ قوم ڪئين طاقتور ٿيندي.

اڇو تہ سنڌ جي مسلمانن جو مثال وٺون. ٻاهريان ماڻهو جيڪي سنڌ ۾ اچي رهيا آهن تن بابت مون کي پوري خبر ناهي. سنڌ ۾ مسلمانن جو تعداد اٽڪل 30 لک آهي. انهن مان اٽڪل ڀ لک تہ سست يا ٿڳ آهن جي ڪو بہ ڪم ڪو نہ ڪن ٿا ۽ جون وانگر ٻين جو رت ٽا چوسين. ٻيا ڪمائين هو ڪائين. ڏٽا مٽا پينو بہ بيشمار آهن، انهن کي قانونن پنڻ ڪان روڪڻ گهرجي. انهن ڪان سواءِ جاهل ملان، جاهل پير، فقير ۽ مجاور بہ گهٽائي آهن جي نڪي تعليم ڏين نڪي ماڻهن کي اخلاقي سڌاري ۽ ترقي لاءِ هدايتون ڏين. هو هزارن حيلن سان ماڻهن کي ٺڳين ٿا، ڦرين ٿا ۽ موجون ماڻين ٿا ۽ ماڻهن کي سندن دعوتن ۽ نذرانن جي عيوض ۾ دين دنيا جي گمراهي ۾ غرق ٿا ڪن. زميندار يا جاگيردار وري گهرج ڪان گهڻا قدم ٿا ڪڍن. ڪم ڪن ٿورو ۽ ڪائين گهڻو. اهي اڪثر ڪري زميندارن ۽ جاگيردارن کي ناجائز شوقن ۾ گرفتار ڪندا آهن ۽ ها ۾ ها ملائڻ سان ۽ چاپلوسي ڪرڻ سان ڪين بدچال بنائي سندن خانو خراب ڪندا آهن. رڳو مزور ۽ ڪاسبي بہ سال ۾ ڪيترائي مهينا واندا ۽ بيڪار ويٺا هوندا آهن. اهڙو ڪو ڪونهي جو ڪين گهرو هنر سيڪاري مشغول رکي. اڪثر زميندار ۽ شاهوڪار شڪار ۽ ٻين بيسود شوقن تي گهڻي دولت ضايع ٿا ڪن. اُهي پنهنجي راڄ کي سڌارڻ ۽ انهن جا فيصلا انصاف سان ڪرڻ بدران انهن کي بگاڙيندا ۽ دٻائيندا آهن، انهن جي حقن ۽ خودداريءَ کي پائمال ڪندا آهن ۽ ڪنهن کي بہ آسودو ٿيڻ نہ ڏيندا آهن.

نوي سيڪڙو مسلمان اڻ پڙهيل ۽ جاهل آهن. انهن کي صحت جي قانونن جي خبر ئي ڪانهي. تنهنڪري دائم المريض ۽ ضعيف مردن، عورتن ۽ ٻارن جو عدد بالڪل گهٽو آهي جي بيماري ۽ ضعف جي ڪري ڪم گهڻو ڪري نٿا سگهن. اٽلندو جيڪڏهن



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڪجھ اٿن تہ دوائن تي خرچ ڪيو ڇڏين.

سنڌ جي گھڻي دولت اهڙين شين تي ضايع ٿئي ٿي جي غير ضروري يا اٽلندو صحت لاءِ مضر آهن جهڙوڪ تماڪ، حد کان ٻاهر چانھہ، پان، سوپاري، شراب، ڀنگ، چرس، گانجو وغيره وغيره. گھڻائي ماڻھو دور دراز مسافريون ڪري مقبرن تي وڃن ٿا ۽ پنهنجو قيمتي وقت ۽ دولت اجايو ضايع ڪن ٿا. ازانسواءِ گھڻائي ماڻھو ڄمڻ، موت، شادي ۽ طهر جي موقعن تي غير اسلامي رسمون بجا آڻي پنهنجو جهڳو جهڻ ڪري ٿا ڇڏين.

متي جيڪي جيڪي خرابيون ٻڌايون ويون آهن تن سڀني کان اسلام منع ڪئي آهي. وقت ۽ دولت اجائي وڃائڻ وڏو گناھ آهي. اجايو خرچ ڪندڙ شيطان جا ڀائر آهن. جيڪو پنهنجي لاءِ ۽ ٻين جي لاءِ ڪمائي ٿو سو قيامت ڏينهن اهڙو ٿي اٿندو جهڙو چوڏهينءَ جو چنڊ. اسلام جي لفظ جي هڪڙي معنيٰ آهي صلح سلامتي ۽ امن امان. مگر اسان جا گھڻائي مسلمان اهڙا آهن جي ننگيءَ يا زوريءَ سان هڪ ٻئي کي نقصان رسائين ٿا ۽ هڪ ٻئي کي تباھ ٿا ڪن. گھڻائي اهڙا چور آهن جن کي زميندارن ۽ پوليس کان چورين ڪرڻ لاءِ ليسن مليل آهي. اهي جيڪڏهن پڪڙجي پون تہ بہ ڪنهن کي مجال ناهي جو انهن کي ڪورٽ ۾ رجوع ڪري سگھي.

اهڙن چورن جي موجود هئڻ سبب ملڪيت عزت ۽ جان جي سلامتي ڪانهي. چوريون ڌاڙا ۽ خونريزي عام جام آهن. زر زمين ۽ زالن تي تڪرار جهيڙا ۽ ڪورٽن ۾ ڪيس بہ ملڪ جي دولت تباھ ڪري رهيا آهن. جوا، زنا ۽ ٻيا فاحش ڪم بہ سڌي ۽ اڻ سڌيءَ طرح ملڪ جي دولت ضايع ڪري رهيا آهن.

علاج ڪهڙا آهن؟ مکيہ علاج آهي تعليم، خصوصن اسلامي تعليم. تنهن کان پوءِ آهي خانہ داري ۽ هنن جي تعليم ۽ صحت جي قانونن ۽ صفائي جي تعليم. صحت جو ڪاتو ايتري قدر وڌائجي جو ڊاڪٽر هر هڪ ڳوٺ ۾ هر محلي ۾ وڃي ماڻهن کي صحت جا قانون ٻڌائين ۽ سڀني بيمار ۽ ضعيف ماڻهن جي تپاس ڪري علاج ڏسين.

رشوت جا سڀني خرابين جو بنياد آهي ۽ جنهن بنسبت حضرت ﷺ جن فرمايو آهي تہ رشوت وٺندڙ توڙي ڏيندڙ تي الله تعاليٰ لعنت ٿو ڪري سا ڪنهن بہ قيمت تي بند ڪرڻ گھرجي. سرڪاري ڪامورا، افسوس جو تعليم يافتہ ٿي ڪري بہ، رشوت خوري جي قبيح گناھ ۾ گرفتار آهن ۽ پنهنجي قوم ۽ ملڪ کي تباھ ٿا ڪن. ڪين ڄاڻن گھرجي تہ هو پبلڪ جا خادم آهن. قوم جي پيسي مان پگھارون ٿا کڻن تنهنڪري پبلڪ جا خادم آهن. هنن کي نمڪ حرام نہ پر نمڪ حلال ٿيڻ گھرجي ۽ پبلڪ جي خدمت ڪرڻ گھرجي. هنن کي گھرجي تہ پنهنجي فرصت واري وقت ۾ ماڻهن کي گڏ ڪري تعليم صحت ۽ اخلاقن وغيره تي ليڪچر ڏين.

*(هفتيوار حُريت 19 جون 1950ع)*



سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# تعليمات قرآن

قرآن شريف جو وڏي ۾ وڏو معجزو آهي ان جي تعليمات جو اثر يا نتيجو. ان جي تعليمات بدترين انسانن کي بهترين انسان بڻائي ڇڏيو. رواجي ڪرامتون ۽ معجزا فقط رواجي شين کي ٿوري وقت لاءِ ڦيرائي ڇڏيندا آهن، مگر قرآن شريف ٿوري عرصي ۾ هزارين بلڪ لکين انسانن جون دليون ڦيرائي ڇڏيون. سندن زندگيءَ ۾ حيرت انگيز انقلاب آندو. خود قرآن شريف ئي فرمائي ٿو ته مون اوهان تي وڏي نعمت ڪئي آهي جو اوهان کي ڀاءُ ڀاءُ ڪري ڇڏيو اٿم. سبحان الله اُهي ساڳيا وحشي عرب جي خسيس ڳالهين تي قتل عام ڪري ڇڏيندا هئا سي هڪ ٻئي جي ڀلائي لاءِ مال متاع ۽ جانيون قربان ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويا.

سهوليت لاءِ قرآن شريف جي تعليمات کي هيٺين ڀاڱن ۾ ورهائجي ٿو: (1) ايمان (2) عبادات (3) اخلاق ۽ پنگتي مالي، ملڪي يعني سياسي، فوجداري ۽ سول جا قاعدا قانون (4) اڳوڻن نبين جا معجزا

(1) دنيائي ڪاروبار ۾ اسان بادشاهه يا سرڪار کي، وڪيل يا وزير کي، قاعدي کي، پوليس کي، سزا ۽ انعامن کي ضروري سمجهون ٿا، ساڳي طرح دنيا خواهه آخرت جي بهبودي لاءِ (1) الله تعاليٰ (2) سندس رسولن (3) وحي يا صحيفايا الله تعاليٰ جا قاعدا قانون (4) ملائڪ (5) آخرت ۽ قيامت جي جزا ۽ سزا کي مڃڻ نهايت ضروري آهي. بس اهوئي اسان جو ايمان آهي. اسان جو پڪو عقيدو آهي ته آخري پيغمبر محمد مصطفيٰ ﷺ آهي، جنهن اسان کي الله تعاليٰ جو ڪلام قرآن پاڪ سيکاريو ۽ سمجهايو. ملائڪ اسان کي هر وقت نيڪ ڪمن ڪرڻ جي هدايت ڪن ٿا، ۽ بڇڙن ڪمن کان روڪين ٿا، مگر اسان مان گهڻا الله تعاليٰ ۽ ملائڪن جي دعوت جي ابتڙ شيطان جي تابعداري ڪري پاڻ کي برباد ڪريون ٿا. جيڪڏهن اسان قرآن شريف جي هدايتن موجب چڱا عمل ٿا ڪريون ته دنيا خواهه آخرت ۾ انعام ٿا پايون ۽ جيڪڏهن بدعمل ٿا ڪيون ته دنيا خواهه آخرت ۾ ناڪامياب ٿا ٿيون.

(2) عبادت جي معنيٰ آهي الله تعاليٰ جي ٻانهپ يعني سندس قرآن ۽ قانونن تي عمل ڪرڻ. مگر الله تعاليٰ جاڪي حڪم جي خاص عبادات ۾ داخل ڪيا وڃن ٿا


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

سي آهن (1) نماز (2) روزا (3) زڪوات (4) حج. انهن ۾ جي فائدا ۽ برڪتون رکيل آهن تن جي بيان لاءِ دفتر گهرجن تنهن ڪري ڪجهه به لکڻ نامناسب آهي.

(3) ڪرامتن ۽ معجزن بابت اڄوڪن ماڻهن جو خيال آهي ته جنهن صورت ۾ اهي خدائي قانونن جي خلاف آهن تنهنڪري اهي ڪوڙا قصا آهن ۽ ڪرامتون۽ معجزا ممڪن ڪونه آهن.

مگر اهي ڪوتاهه بين فيلسوف اهو خيال ئي ڪونه ٿا ڪن ته اسان سائنس ۾ ڪيتري به ترقي ڪيون ته به خدائي قانونن جو ڪل علم حاصل ڪرڻ بلڪل محال آهي، ممڪن آهي ته جيڪي اسان قانونن جي هدايتن هٿ ڪرڻ بدران اٿلندو هڪ ٻئي تي بيجا حملا ڪري رهيا آهيون. انهن حملن ڪرڻ مان پنهنجو ئي نقصان آهي، نه ٻئي ڌرجو. اهو ڪم پاڻ کي انڌو ٿو ڪري ۽ ترقي کي روڪي ٿو. جيڪي هندو صاحب اسلام جي تعليمات کي نظرانداز ڪري رڳو اجايا حملا ٿا ڪن سي پنهنجي قوم سان غداري ٿا ڪن. ڪين نئين راهه کان روڪي انڌاري ۾ ٿا وجهن. اسلام جي خوبين ٻڌائڻ بدران ڪين جاهل ٿا رکن ۽ ترقيءَ جي بدران تباهي ڏانهن ڪٺي ٿا وڃن.

اسلامي تعليمات جو مقصد آهي ترقي. خود ايمان وارا عقيدا ۽ عبادات يعني نماز، روزا وغيرهه فقط وسيلا آهن، انهن جو به مقصد آهي اخلاقن جو سڌارو ۽ ترقي. رسول الله ﷺ جن فرمايو آهي ته مان انهيءَ لاءِ نبي ڪري موڪليو ويو آهيان ته اخلاقي خوبين کي ڪماليت وٺايان. ۽ پڻ فرمايو اٿن ته بهشت ۾ اهو ويندو جنهن جا اخلاق چڱا هوندا. ڪي اسلام کان غير واقف نادان چوندا آهن ته اخلاقي تعليم سڀ ڪنهن مذهب چڱي ڏني آهي ۽ جاهلن کي به خبر آهي ته ڪوڙ نه ڳالهائجي چوري نه ڪجي وغيره، مگر اها ڳالهه برابر نه آهي. سيني اخلاقن جو بيان ڪامل نموني ڪرڻ ۽ انهن کي اثرائتي نموني ۾ وجهڻ سا بلڪل ڏکي ڳالهه آهي. انڪان سواءِ اسلام رڳو خالي ائين نٿو چوي ته فلاڻا اخلاق رکو مگر اهڙيون هدايتون ٿو ڏئي ۽ انهيءَ نموني زندگي جي طرز تي هلائي ٿو جو گناهن کان بچڻ ۾ آساني ٿئي ۽ چڱن ڪمن ڪرڻ لاءِ به آساني ٿئي. اسلام ۾ رڳو اخلاقي تعليم مليل نه آهي مگر دنيا جي سيني مکيه امورن بابت ۽ جسماني، مالي، دماغي ۽ روحاني ترقي لاءِ مفصل نندييون خواهه وڏيون هزارين هدايتون موجود آهن. باقي معجزو جو ظاهر جي خلاف ٿا سمجهون، سو الله تعاليٰ جي ڪنهن نامعلوم قانون مواقف هجي، الله تعاليٰ قادر مطلق آهي هو سڀ ڪجهه ڪري سگهي ٿو. اهڙي قانون موافق ڪري ٿو جو اسان کي ظاهر ۾ سندس قانونن جي خلاف ڏسڻ ۾ اچي ٿو تنهن جي خبرفقط ڪيس ئي آهي. انڪانسواءِ ظاهري دنيا ۾ به ڏسجي پيو ته روح جو مادي تي ياخيال جو جسم تي وڏو اثر آهي. ڊاڪٽرن کان پڇي ڏسو ته رڳو خيال يا وهم جو اثر بيمار يا چڱ ڀلائي تي ڪهڙو نه حيرت انگيز پوي ٿو. اهڙا واقعا اسان ڪيترائي ٻڌا آهن جن ۾ رڳو وهم پيدا ڪرڻ سان


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

سخت بخار چڙهيو وجي ۽ وري وهم لاهڻ سان بخار صفا هليو وجي. پوءِ جيڪڏهن اسان جي خيال کي ٿي ايڏي طاقت آهي ته الله تعاليٰ جو ڪائنات ۽ قانونن جو مالڪ آهي، جو هڪ بي پايان طاقتوارو روح آهي سو ڇا نه ڪري سگهندو! تاهم قرآن شريف ۾ جيڪي نبين جا معجزا آهن تن ۾ خاص طرح استعاري طور ڪئي معنائون رکيل آهن.

(4) هاڻي اچون ٿا ته قرآن مجيد جي تعليمات جي انهيءَ پاڱي تي جنهن تي غير مسلمانن کي اول اول ۾ ضروري غور ڪرڻ گهرجي. اڄ اهو زمانو آهي جڏهن سڄي دنيا جا عقلمند ماڻهو تعصب ڦٽي ڪري انهيءَ لاءِ تيار ٿي ويا آهن ته گهٽ ۾ گهٽ دنيائي ڪاروبار ۾ ترقي ڪرڻ، بهبودي ۽ سڌاري ڪرڻ لاءِ چڱيون هدايتون ڪٿان به ملن ته هٿ ڪري انهن تي عمل ڪجي. تنهنڪري ڏاڍي ارمان جي ڳالهه آهي ته هندوستان جا خصوصاً سنڌ جا هندو ۽ مسلمان انهن هڪبئي جي مذهب جي خوبين کان غير واقف آهن. هو ڏانهن اسلام ۾ دنيائي ڪاروبارجا حڪم بلڪل چڱي نموني ۾ ڏنل آهن مثلاً شادي ، طلاق ۽ ورثه جا قانون، فوجداري قانون، وياج ۽ واپار جا قانون، سياسي قانون، جنگين ۽ صلح جا قانون، پرم ۽ رسمي هدايتون، شراب، جوا ۽ غذا بابت قانون، ڪاڌڻ، پيٽڻ، صفائي ۽ تندرستي جا قانون، پاڙيوارن، مائٽن ۽ ڏارين سان هلت بابت قانون وغيره انهن جي بيان لاءِ دفتر گهرجن. مگر مثال طور ڪي نمونا ڏجن ٿا.

اسلام عورتن کي جيڪي حق ڏنا آهن اهڙا ٻئي ڪنهن به مذهب نه ڏنا آهن مثلاً عورت کي ورثه ۾ ملڪيت ملي ٿي سگهي. اسلام موجب زنا، جوا ۽ شراب خوري فوجداري ڏوهه آهن. مگر اڄ ڪلهه جا سڌريل ماڻهو انهن کي جائز سمجهن ٿا. جڏهن ته دنيا جي مالي حالت انهن ئي خراب ڪئي آهي. ۽ انهن ئي شاهوڪار شاهي قائم ڪري غريبن کي نپوڙي ناس ڪيو آهي، اسلام ۾ فقط اُهو واپار جائز آهي، جنهن ۾ سچ پچ شئي خريد ڪري هٿ ۾ وٺي پيسا ڏئي پوءِ هڪدم ٻئي ملڪ ڏي موڪلي هڪدم وڪڻجي يا بازار ۾ رکي ريزڪي طور وڪڻجي. سٽا هڻڻ ته پنهنجي ماڳ پر رڳو مال وٺي رکي ڇڏڻ به جائز ناهي. اسلام موجب خودمختيار ۽ موروثي بادشاهي ناجائز آهي. خليفو چوندڻ گهرجي ۽ هو مدبر مسلمانن جي صلاح سان ڪم هلائي. وڏي ڳالهه هي آهي ته هو خود قربانيون ڪندڙ خادم هجي نه خود غرض حاڪم. اسلام موجب فقط مدافعانه جنگ جائز آهي جڏهن سچ پچ دشمن پاڻ تي حملو ڪري ڏئي. سياسي معاملات ۾ ڪوڙ ۽ ٺڳي ۽ ڪوڙا عهد ناما ڪري ڀڃڻ بلڪل جائز نه آهي. جنگ جي حالت ۾ به فقط وڙهندڙن کي مارڻ جائز آهي، پر اُهي به جي پيش پون ته بس. وڙهندڙ قوم جي پوڪن يا گهرن يا عورتن ۽ ٻارن کي ڪوبه نقصان پهچائڻو ناهي. قرلٽ به اصل نه ڪرڻي آهي، دشمنن جون بازاريون ڀلي ته ڪليون پيون هجن.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

پيسا ڏيئي سيڏو ونڻو آهي، اسلام ۾ پرم، رسمون، ڪر پا ڪرم يا ملان فرقو آهي ئي ڪونه. ملان ۽ پير فقير ۽ مجاور پوءِ پيدا ٿيا آهن. شراب ۾ ڪيترا نقصان آهن ته به اڄ تائين سڌريل دنيا ان کي نٿي ڇڏي، مگر اسلام ان کي چوڏهن سَوَ ورهيه اڳي نقصان ڪار ٺهرايو. اسلام سڀ ڪنهن انسان سان ڀلائي ڪرڻ جي هدايت ڏئي ٿو، ايتري قدر جو غير مسلمانن کي خيرات ڏيڻ به ثواب جو ڪم ٺهرايل آهي. اسلام ۾ تعصب اصل ڪونهي. اسلام ۾ رواداري جي ايتري قدر حد آهي جو غير مذهبن کي پنهنجي نموني عبادت ڪرڻ جي اجازت ڏيڻ ۽ سندن مندرن جي حفاظت ڪرڻ، مسلمانن تي فرض آهي. اڄ تائين ڪيترن ئي اسلامي ملڪن ۾ غير مذهب وارن جي مندرن ۽ ديولن کي مسلمان سرڪار وٽان وظيفا ملندا رهن ٿا.

اسلام ۾ جيترو تاڪيد علمن ۽ هنرن حاصل ڪرڻ بابت آهي اوترو ڪنهن به مذهب ۾ نه هوندو، ان بابت بيشمار آيتون ۽ حديثون نهايت سهٽيون موجود آهن. يورپ جيڪا علمن ۽ هنرن ۾ ترقي ڪئي آهي، سا ترقي تڏهن شروع ڪيائون جڏهن سندن شاگرد مسلم يونيورسٽين ۾ تعليم حاصل ڪري آيا. اڄ ڪلهه به دنيا جون غير مسلم قومون اسلامي تعليمات اختيار ڪنديون ٿيون وڃن، اگرچه ڪلئي طرح اعتراف نه ٿيون ڪن ته اهو اسلام جو ئي اسان تي احسان آهي. يورپ ۾ ته هزارن جي تعداد ۾ يورپي لوڪ اسلام ۾ داخل ٿي چڪا آهن ۽ ٿين پيا. يورپ جي مشهور فلاسفر برناردشا کلي طرح اعلان ڪيو آهي ته جلد يورپ اسلام قبول ڪندو ۽ فرمائي ٿو ته محمد ﷺ جي تعليم ئي دنيا جا مشڪل مسئلا حل ڪندي. آخر ۾ منهنجي هندن خواه مسلمانن کي استدعا آهي ته پنهنجي ڇڱائي واسطي ۽ پنهنجي قوم ۽ دنيا جي ترقي خاطر قرآن شريف جو اڀياس غور سان ڪن. مون کي يقين آهي ته جا قوم قرآن مجيد جي تعليمات تي عمل ڪندي سائي سڄي دنيا ۾ اعليٰ اشرف رهندي ۽ اعليٰ ترقي ڪندي رهندي.(توحيد- مئي 1934ع)


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

# قاديانيت کي لوهاروارو ڌڪ

قاديانين کي جڏهن پنهنجي اصلوڪي وطن پنجاب ۾ سخت شڪست ملي چڪي آهي تڏهن پنهنجي پوري طاقت سان سنڌ تي حملو ڪري ڏنو اٿن. سنڌ جي مسلمانن کي پورڙا ۽ جاهل ڏسي ڪين ڪاميابيءَ جي ڪجھ قدر اميد ٿي پئي آهي. پر انشاءَالله سنڌ ۾ ڪين اهڙي ذليل هار ٿيندي جو وري ڪنڌ مٿي نہ ڪڻندا. باطل کي ڪڏهين بہ فتح نہ ٿيندي آهي. مرزا غلام احمد جي وفات کي پاءُ صدي گذري چُڪي آهي. ۽ ڪامل انتظام سان لکين رپيا خرچ ڪري تبليغ ڪئي وڃي ٿي تہ بہ قاديانيت جا قبول ڪندڙ فقط ڪي هزار آهن جن مان ڪي تائب ٿي اسلام ۾ وري داخل ٿيا آهن.

مون قاديانين جي لٽريچر (ڪتاب) گھڻي قدر پڙهي آهي. مرزا غلام احمد جو ڪتاب اسلامي فلسفہ (انگريزي ۾ ٽيچنگز آف اسلام) پڙهيو اٿم. مولوي محمد علي لاهوري جو قرآن شريف جو تفسير بار بار پڙهيو اٿم خواجہ ڪمال دين جون ڪيترين ئي تصنيفون ۽ سندس ماهوار رسالو 1933ع کان وٺي پڙهندو آيو آهيان. وڏي ڳالھ هيءَ آهي تہ جيڪو وڏو پارسي ڪتاب مرزا غلام احمد جي نبوت جي ثابتي ۾ لکيو اٿن سو سڄو پڙهيو اٿم، اهڙي حالت ۾ مون کي پڪ آهي تہ منهنجا سنڌ جا مسلمان ڀائر منهنجي راءِ کي پورو پورو وزن ڏيندا ۽ يقين ڄاڻندا تہ مرزا غلام احمد جي نبوت جي دعويٰ بلڪل باطل آهي. مان پنهنجي مسلمان ڀائرن کي وڌيڪ يقين ڏيارڻ لاءِ ٻڌايان ٿو تہ هندستان جا جيڪي بہ زبردست عالم آهن تن قاديانيت جون ڌڄڙيون اُڏائي ڇڏيون آهن. تازو علامہ محمد اقبال، جو ايم اي بئرسٽر ۽ فلسفہ جو ڊاڪٽر آهي ۽ جيڪو دنيا جو مشهور شاعر ۽ فيلسوف آهي، تنهن اعلان ڪيو تہ قادياني بهائين کان بہ وڌيڪ خراب آهن ڇو تہ قادياني منافق آهن پر سڀ کان وڏي ثابتي هيءَ آهي تہ خود خواجہ ڪمال الدين، محمد علي ۽ ٻيا هزارين جيڪي مرزا غلام احمد جي آغوش ۾ پليا ۽ سندس ئي تعليم قبول ڪيائون سي بہ کيس نبي ڪري ڪونہ ٿا مڃين. مولوي محمد علي جي عزت قاديانين وٽ ايتري هئي جو کيس خلافت جي گادي آڇيائون مگر هن چيو تہ مان مرزا غلام احمد جي نبوت جوي قائل


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ٿي نہ آهيان تہ پوءِ خلافت وري چاجي! تازو هڪڙي قادياني مولوي ٽي پيرا مون سان گفتگو ڪئي. چيائين تہ اسان قرآن شريف کي آخرين ۽ ڪامل مڪمل ڪتاب ٿا سمجهون پر ان سان گڏ مرزا غلام احمد کي بہ نبي ڪري ٿا سمجهون ۽ جيڪو ڪيس نبي ڪري نہ مڃيندو سو ڪافر آهي. سمجهيو تہ هي چند هزار قادياني دنيا جي سٺ ڪروڙ مسلمانن کي ڪافر ٿا ڪوٺين. مون ڪيس سوال ڪيو تہ جنهن صورت ۾ قرآن شريف آخرين ۽ ڪامل مڪمل ڪتاب آهي ۽ جنهن صورت ۾ ان جو مُکيہ ۾ مکيہ مقصد آهي، اتحاد ۽ اتفاق ۽ فرقن ٽاهڻ جي ڪامل ممانعت (توهان جو فرقو تہ وري اهڙو شديد آهي جو سيني قرآن جي مڃيندڙن کي ڪافر ٿو چوي.) جنهن صورت ۾ نبوت جو مسئلہ اهم ترين مسئلو آهي تنهن صورت ۾ قرآن شريف ۾ برابر واضح طور ڪلام چٽائي سان بيان ٿيل هجي ها تہ نبي اڳتي بہ پيدا ٿيندا. فلاڻين فلاڻين صدين ۾ پيدا ٿيندا انهن جا نالا فلاڻا ۽ نشانيون فلاڻيون هونديون ڏسو تہ اڳين صحيفن ۾ ڪيئن نہ نبين جي اچڻ جون ۽ خصوصاً آخرين پيغمبر محمد مصطفيٰ ﷺ بابت چٽيون پيشنگويون ڪيل آهن. پوءِ جيڪڏهن ڪائنس پوءِ بہ نبي پيدا ٿيا هجن ها تہ قرآن شريف ۾ تہ بلڪل وڌيڪ چٽائي، سان بيان ڪيل هجي ها. جواب ڏنائين تہ اهڙي چٽائي تہ ڪانهي پر ڪيترين ئي آيتن مان استدلال طور (دليل بازي يا چئجي تہ ڏوڪي بازي،) سمجهي سگهجي ٿو تہ نبوت جو درجو ملڻ بندڪونہ ٿيو آهي. هن جواب مان ايترو تہ قبول ڪري چُڪو ۽ ضرور قبول ڪرڻو هوس تہ قرآن شريف ۾ ائين بالڪل فرمايل ڪونهي تہ اڳتي بہ نبي پيدا ٿيندا. هاڻي جيڪڏهن ائين بہ آهي ۽ پوءِ بہ ضد ڪري ٻين نبين جو پيدا ٿيڻ مڃجي تہ اسلام ۾ فرقا ۽ تباهي نہ ايندي تہ ٻيو ڇا ايندو. پوءِ مولوي صاحب آيتون ٻڌائڻ لڳو جن بابت دعويٰ ڪيائين تہ هنن مان نبين جو پيدا ٿيڻ ثابت ٿو ٿئي. سندس ترجمون ۽ تفسير بلڪ غلط ۽ تاويلات اهڙا هئا جن کي گهٽ ۾ گهٽ ڏوڪيبازي ضرور سڏي ٿو سگهجي.

مون کي يقين آهي تہ انهيءَ ساڳئي مولويءَ کي ڪڏهن بہ اهڙي جرائت نہ ٿيندي جو اهي ساڳيا تاويلات ڪتابي صورت ۾ ڇپائي. ڏسجي ٿو تہ هنن قاديانين کي ڏوڪيبازي ۾ اهڙي ڪماليت حاصل ٿي ويئي آهي جو ساڻن بحث مباحثا سنڌ جا وڏا عالم بہ مشڪل ڪري سگهندا. چو تہ هتي نہ رڳو علم جي ضرورت آهي، پر ڏوڪيبازي واري حرڪت کي سمجهڻ جي پڻ ضرورت آهي. تنهنڪري جيڪڏهن ڪو تيز فهم عالم ساڻن بحث ڪري تہ ڪيس گهرجي تہ قاديانين کي چوي تہ پنهنجو پوائنٽون ۽ دليل لکيل اڳواٽ ڏيو تہ انهن تي غور ڪري پوءِ بحث ڪريون. پر ساڻن بحث ڪرڻ آهي تہ بلڪل اجايو چو تہ سندن دعويٰ جو مثال اهڙو آهي جهڙو ڏينهن کي رات ڪوٺڻ يا رات کي ڏينهن ڪوٺڻ. انصاف تہ ڪريو تہ گذريل تيرهن سؤ سالن ۾ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه کان وٺي اڄ سوڌو ڪنهن بہ مسلمان کي ڪنهن بہ آيت ۾


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ پاڳي پائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

نبين جي پيدا ٿيڻ لاءِ ڪو اشارو به ڪونه ڏسڻ ۾ آيو ۽ نه وري هاڻي به ست ڪروڙ مسلمانن جي بردست عالمن کي ڪٿي به ڪو اشارو معلوم ٿئي ٿو. پوءِ هنن قاديانين کي ڪيئن ٿو ڏسڻ ۾ اچي؟ آيتن جي تفسير ۾ هڪ اصول تمام ضروري آهي ته ربط ۽ مضمون جي سلسله کي ڏسڻ گهرجي جيڪڏهن ان کي نه ڏسو ۽ رڳو ٻن ٽن لفظن کي وٺي انهن کي ڏِگهو ڪبو ته واهيات تاويلات ڪري سگهبا.

تنهن ڪان پوءِ قادياني مولوي صاحب فرمايو ته جيڪڏهن قرآن شريف ۾ چٽو فرمايل ڪونهي ته اڳتي نبي پيدا ٿيندا ته وري ائين به چٽو فرمايل ڪونهي ته اڳتي پيدا ڪونه ٿيندا. ۽ خاتم النبين جو لفظ جو قرآن شريف ۾ حضرت جن ﷺ به نسبت فرمايل آهي ان ۾ ”ت“ تي زبر آهي تنهنڪري خاتم جي معنيٰ آخري ناهي پر ان مان فقط افضليت جي معنيٰ ٿي نڪري ۽ حضرت جن ﷺ بيشڪ سيني رسولن ۽ نبين ڪان افضل آهن. مون چيو ته تيرهن صدين ۾ سيني مفسرن انهن الفاظن مان اهوئي مطلب ڪڍيو آهي ته پاڻ سڳورا ﷺ آخري نبي آهن. نه رڳو ايترو پر لغتن ۽ بلڪ امام راغب جي مفردات ۾ به اهائي معنيٰ ڏنل آهي. پر عجب ته هي آهي ته خود مرزا غلام احمد به نبوت جي دعويٰ ڪرڻ ڪان اڳ اهائي معنيٰ ڪئي آهي ته پاڻ سڳورا آخرين نبي آهن، تڏهن قبول ڪيائين ته برابر مرزا غلام احمد ائين ئي لکيو هو پر سندن مطلب هو ته پاڻ سڳورا شريعت آڻيندڙ نبين ۾ آخري نبي آهن. هاڻي ڏسو ته ڏوڪيبازي ڪاٻي ٿيندي آهي چا؟ جيڪڏهن مرزا جو اهو مطلب هو ته چو نه ائين لکيائين ته پاڻ سڳورا شريعت آڻيندڙ يا ڪتاب آڻيندڙ نبين ۾ آخري آهن؟ مگر هونئن ٻيا نبي به پيدا ٿيا آهن ٻئي پيري قادياني مولوي صاحب اڪيلائي ۾ مون موٽ لنگهي آيو. ۽ منهنجي دماغ تي حمله ڪرڻ بدران دل تي حمله ڪيائين ۽ ان ۾ به ڪمال ڪري ڇڏيائين. پنهنجي روحانيت جا قصا ۽ مرزا غلام احمد ۽ ٻين جي روحانيت جا قصا اهڙي جوش سان بيان ڪيائين جو جهڙي تهڙي ماڻهوءَ کي ته جيڪر هڪدم متاثر ڪري ڇڏي ها ۽ گهڻن ئي ماڻهن کي هو متاثر به ڪندو هو. پڇاڙي ۾ چيائين ته مهرباني ڪري استخاره ڪري الله تعاليٰ ڪان هدايت جو سوال ڪيو، پوءِ پاڻهي خواب ۾ توهان کي هدايت ملندي. مان سمجهان ٿو ته هن ۾ به وڏي ڏوڪيبازي آهي. هن ڪم لاءِ اهو استخاره ڪندو جنهن کي پنهنجي اڳوڻي عقيدي ۾ شڪ پوندو ۽ گمان ڪندو ته شايد مرزا غلام احمد سچو نبي هجي. پوءِ ٻليءَ کي خواب ۾ ڇيڇڙا جي مثال وانگر رات جي وقت ۾ شيطاني خواب اچڻ جو بيشڪ امڪان آهي.

ٽئين پيري وري مولوي صاحب آيتون پيش ڪيون جن مان سندس مطلب بلڪل حاصل ڪونه ٿيو.

بعضي قادياني مبلغ هي دليل پيش ڪندا آهن ته مرزا صاحب جي قابليت ڏسو ۽ ڏسو ته ڪيتري قدر باطل خيالات جي ترديد ڪري سهڻيون تعليمات ڏنيون اٿس،


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

تنهنڪري هو ضرور سچو نبي آهي. سندس قابليت يا ڪئريڪٽر يا تعليمات تي بحث ڪرڻ لاءِ مهينا کپن ۽ وڏا ڪتاب لکجن ته به سندن ضد کي ٽوڙي ڪين سگهبو. جيڪڏهن ڪٿي قبول به ڪجي ته مرزا غلام احمد قابل به هو ۽ سندس تعليمات به سهٽيون آهن ته نه ان مان هي نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو ته چا هو هرويرو سچو هو. هرگز نه. جيڪڏهن هو قابل هو. تعليمات چڱيون اٿس ته شاهه ولي الله صاحب ۽ امام رباني رحمته الله عليها گهٽ هئا چا؟ يا هن وقت مولانا ابو الڪلام آزاد ۽ علامه عنايت الله خان مشرقي ڪائنس گهٽ آهن چا؟

حديثن ۾ بلڪل چٽائي ٿيل آهي ته پاڻ سڳورا آخري نبي هئا ۽ ٻيو ڪو نبي پيدا ٿيڻ وارو ڪونهي. حدثين ۾ وجهڻ جو ضرورئي ڪونهي چو ته قاديانين ڪي ڏهه سچيون حديثون ٻڌائيون ته هو سؤ ڪوڙيون حديثون ٻڌائيندا. سچين حديثن به نسبت تاويل ڪندا ته انهن جو مطلب آهي ته نوان ڪتاب آٽيندڙ شريعت آٽيندڙ نبي پيدا ڪونه ٿيندو.

مون ڪنهن هنڌ پڙهيو آهي ته جڏهن مصر ۾ هڪ انگريزن جي پوليٽڪل ڪميشن انڪوائري ڪرڻ وئي هئي ته تڏهن مصري ماڻهن ان جو ڪامل بائيڪاٽ ڪيو. يعني ڪو به مصر جو ماڻهو انهن وٽ راءِ ڏيڻ ڪونه ويو. ان ڪميشن جا گورا ميمبر ڪنهن ڏينهن نيل نديءَ جي طرف گهمڻ نڪتا ۽ ٻنين ۾ ڪي هاري ڏٺائون. هڪ هاريءَ کي سڏ ڪري پڇيائونس ته تنهنجو نالو چا آهي؟ هن جواب ڏنو ته وڃي زغلول پاشا (سندن ليڊر) کان پُڇو. منهنجي به پنهنجي سنڌي ڀائرن کي صلاح آهي ته جڏهن قادياني ڪنهن سان به مذهبي گفتگو ڪري ته ڪيس اهوئي جواب ڏئي ته مون سان نه ڳالهاءِ، وڃي مولوي محمد صادق ڪڏي واري سان ڳالهاءِ. مون به اهوئي فيصلو ڪيو آهي ته قاديانين سان وري مذهبي بحث نه ڪندس. قادياني ضرور چوندا ته توهان جو اسان سان ڳالهائڻ کان پري ٿا وڃو، تنهن جو مطلب اهو ئي آهي ته توهان باطل تي آهيو ۽ اسان حق تي آهيون، تنهنڪري اسان سان بحث ڪري نه ٿا سگهو. ڪين چئجي (۽ واقعي آهي به ائين) ته توهان جو ڏينهن کي رات ۽ رات کي ڏينهن ڪوٺيندو ته ان تي بحث ڪرڻ مان فائدو ڪهڙو؟

قارئين کي منهنجي استدعا آهي ته جيڪڏهن مٿيون مضمون ڪين ڪارگر نظر اچي ته پوءِ جتي جتي ضرورت پوي اُتي ٻين مسلمانن کي به پڙهي ٻڌائين ۽ هي به استدعا آهي ته مضمون کي مناسب موقعن لاءِ پاڻ وٽ محفوظ رکي ڇڏين.

*(توحيد جولاءِ 1937)*


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# ترقي ۽ خود حڪومت ڪيئن حاصل ٿيندي؟

هن سوال جو جواب قرآن شريف ۾ بلڪل چٽو ڏنل آهي ته الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته جيڪڏهن توهان مؤمن هوندؤ ته غالب رهندو. جيڪڏهن توهان ايمان آڻيندؤ ۽ چڱا عمل ڪندؤ ته توهان بادشاهي حاصل ڪندؤ ۽ زمين جا وارث ٿيندؤ. اسلام کان اڳي عرب جا ماڻهو جهنگلي ۽ وحشي هئا. روم ۽ ايران جي پيٽ ۾ هو ڪجهه به نه هئا، نڪي جنگي قواعد ڄاڻندا ها، نڪي ايران ۽ روم وانگر وٽن ڌن ۽ جنگي سامان هو. مگر جڏهن عربن ايمان آندو تڏهن ٿورڙن ئي سالن ۾ تهذيب ۽ اخلاقن ۾،علمن ۽ هنرن ۾، دولت ۽ طاقت ۾ حيرت انگيز ترقي ڪيائون ۽ نه رڳو پاڻ آزاد ٿيا پر ايران ۽ روم کي شڪستون ڏيئي ايران، شام ۽ مصر جا مالڪ بڻجي ويٺا. جڏهن وري اسان مان ايمان نڪري ويو تڏهن ڏاريا غير مسلمان اسان تي غالب پئجي ويا. ظاهر آهي ته ايمان ۽ غلامي هڪ ٻئي جو ضد آهن.

هاڻي اسان کي ڏسڻو آهي ته اسلام ۽ ايمان ڇا آهي ۽ اسين مسلم ۽ مؤمن آهيون يا نه؟ اسان پاڻ کي نالي طور تي مسلم سڏايون ٿا پر اسان کي اها خبر ڪونهي ته مسلم ۽ مؤمن ڇاکي چئجي ٿو؟ اسان پاڻ کي نالي طور مسلم سڏايو ته ڇا ٿي پيو. جيڪڏهن گدڙ کي شينهن سڏجي ته شينهن ڪونه ٿي پيو. جيڪڏهن لوفر پاڻ کي جينٽلمين سڏائي ته جينٽلمين ڪونه ٿي پيو. اسان مسلم سڏائيندڙن جي گهرن ۾ پيدا ٿيا آهيون تڏهن پاڻ کي مسلم ٿا سڏايون. ساڳيءَ طرح جيڪي هندو سڏائيندڙن جي گهرن ۾ پيدا ٿين ٿا سي هندو سڏائين ٿا وغيره وغيره. مگر اهڙا انسان ڪي ورلي آهن جي علم ۽ عقل جي وسيلي تحقيقات ڪن ته مذهب ڇا آهي ۽ اسان کي ڪهڙي واٽ وٺڻ گهرجي ۽ اسان جي منزل مقصود ڇا آهي؟

### اسلام ۽ ايمان

لفظ اسلام نڪتو آهي ”اَسلَم“ مان جنهن جي معنيٰ آهي، ”هن الله تعاليٰ جي مرضي ۽ حڪم اڳيان سِرُ جهڪايو يعني پوري پوري تابعداري ڪئي ۽ الله تعاليٰ جي سيني حڪمن جي پيروي ڪئي.“ هتي هي سوال اٿندو ته الله تعاليٰ جا حڪم


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

کهڙا آهن ۽ ڪٿي بيان ڪيل آهن؟ جواب هي آهي ته اُهي حڪم قرآن شريف ۾ بيان ڪيل آهن. قرآن شريف الله تعاليٰ جو ڪلام آهي نه انسان جو، قرآن شريف آخري الاهي ڪتاب، ڪامل مڪمل ۽ صحيح طور موجود آهي. ساڍن تيرهن سو سالن ۾ منجهس زير زبر جي ڦير گهير به ڪانه ٿي آهي.

ايمان جي معنيٰ آهي پڪو ويساهه. قرآن شريف ۾ گهڻن هنڌن تي ايمان جي بدران يقين جو لفظ ڪم آندل آهي. ڏسو ته اسان کي يقين آهي ته باهه ۾ هٿ وجهنداسين ته ايذاءُ ايندو ۽ هٿ سڙي پوندو، تنهنڪري باهه ۾ هٿ نه ٿا وجهون. اسان کي ويساهه پوي ٿو ته ڪئين مليريا جي تپ کي ڇڏائي ٿي تنهن ڪئين کائون ٿا. مگر جڏهن قرآن شريف ۾ الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته ڪوڙ نڱي رشوت شراب، زنا، چوري وغيره ۾ اسان جوئي نقصان ۽ تباهي آهي، تڏهن اسان کي ويساهه ۽ يقين ڪونه ٿو اچي. اسان بي ڌڙڪ گناهه جاڪم ڪيون ٿا ۽ ڇڱن ڪمن کان بچون ٿا. چو ته اسان کي الله تعاليٰ ۾ ايمان يا ويساهه ڪونهي. يا قرآن شريف کي الله تعاليٰ جو ڪلام نه ٿا سمجهون. پوءِ به اسان چئون ٿا ته اسان مسلم ۽ مؤمن آهيون ۽ اسان مرڻ ڪانپوءِ سڌو بهشت ۾ ويندا سين. حالانڪ قرآن شريف ۾ بار بار فرمايل آهي ته بهشت حاصل ڪرڻ آسان نه آهي ۽ ايمان وارا اُهي آهن جي پنهنجو مال اولاد ۽ جانيون خدا جي راهه ۾ يعني گناهن کان بچڻ ۽ ڇڱن ڪمن ڪرڻ ۾ قربان ٿا ڪن. ناظرينو! پڙهندڙؤ هاڻي پاڻ انصاف ڪيو ته اسان ڪيتري قدر مسلم ۽ مؤمن آهيون؟

## ڪلمو پاڪ

ڪنهن جاهل مسلمان کان پڇبو آهي ته مسلمان ڇا کي چئجي ته گهڻي ۾ گهڻو ايترو چئي سگهندو آهي ته جيڪو ڪلمو شريف پڙهي سو مسلمان آهي. ائين هرگز ناهي. ايمان آهي نه رڳو زبان سان اقرار ڪرڻ پر دل سان به تصديق ڪرڻ، يعني دل کي يقين ٿئي ته اها ڳالهه سچي آهي. جيڪڏهن ڪنهن ڪرستان يا هندوءَ کان پڇجي ته ڪرستان يا هندو ڇاکي چئجي ته ڪوبه اهڙو جملو (تعريف جو .........)ناهي سگهندا جنهن ۾ سڀ ڪرستان يا هندو اچي وڃن. مگر اسان ٻين نمونن سان چئي سگهون ٿا ته مسلمان ڇاکي ٿو چئجي (1) مسلمان اُهو آهي جو يقين رکي ته قرآن شريف الله تعاليٰ جو ڪلام آهي جو سڀني انسانن کي سچي ۽ ڪامل هدايت ڏيندڙ آهي. (2) مسلمان اهو آهي جو يقين رَکي لا اله الاالله محمد رسول الله تي يعني سچي دل سان پڪو ويساهه رکي ته الله تعاليٰ کان سواءِ ٻيو ڪو به معبود (عبادت جو لائق) ڪونهي ۽ حضرت محمد ﷺ الله تعاليٰ جو پيغام پهچائيندڙ آهي. اهو پيغام آهي قرآن شريف. انهن جملن جو آخر مطلب ساڳيوئي آهي. اسان پاڻ کي تڏهن مسلم سڏائي سگهون ٿا جڏهن اسان کي يقين ٿئي ته قرآن شريف الله تعاليٰ جو ڪلام آهي.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

منجهس اسان جي فلاح، بهبود ۽ ترقيءَ لاءِ دنيا ۽ آخرت جي چڱائي ۽ نعمتون ۽ سچيون ۽ ڪامل هدايتون ڏنل آهن. مگر اسان مسلمانن ۾ سؤ مان نوي مسلمان بلڪ هزار مان نوسؤ نوانوي مسلمان تہ اهڙا جاهل آهن جن قرآن شريف تہ معنيٰ سان ڪونہ پڙهيو آهي، پر رڳو ڪلمي شريف جي معنيٰ بہ ڪونہ ٿي اچين. پوءِ ويساهہ ڇا تي ايمان ڇا تي؟ الَجهل قريبُ من الڪفر. اڻڄاڻائي ڪفر ڪي ويجهي آهي. ارمان آهي تہ پڙهيل مسلمان سوين قصا ۽ ڪتاب شوق سان پڙهن ٿا مگر الله تعاليٰ جو موڪليل پيغام ۽ ڪتاب جو اسان لاءِ موڪليل آهي، تنهن جي ترجمي يا معنيٰ پڙهڻ ڪان سؤ ڪوهہ پري ڀڄن ٿا. جيڪڏ هن اسان ڏي ڪو خط ڪنهن دوست يا مائٽ آفيسر وٽان اچي ٿو تہ ان اُهو خط يا پاڻ ٿا پڙهون يا ٻئي ڪان پڙهائي مطلب سمجهي طاقت آهر ان تي عمل ٿا ڪيون مگر الله تعاليٰ جو خط پنهنجي لطف ۽ رحمت سان اسان جي فائدي لاءِ موڪليو آهي، تنهن تي عمل ڪرڻ تہ پري رهيو پر رڳو اسان جي مطلب پڙهڻ يا ٻئي ڪان پڙهائڻ جو رڳو خيال بہ ڪونہ ٿا ڪريون. ناظرين پڙهندڙؤ! انصاف ڪيو تہ اسان ڪيتري قدر مسلم ۽ مؤمن آهيون.

## وڏيڪ سمجهاڻي

اڳئين مضمون ۾ لاَ اِلہَ اِلاالله جي معنيٰ اها ڪئي ويئي آهي تہ الله تعاليٰ ڪانسواءِ ڪوبہ عبادت جو لائق ڪونهي. عبادت جي معنيٰ رڳو نماز ناهي، عبادت جي معنيٰ آهي الله تعاليٰ جي سيني حڪمن جي فرمانبرداري يعني تہ نہ رڳو نماز، روزا، حج ۽ زڪواة ادا ڪجن پر ٺڳي، پرائو حق ڪائڻ، زنا، شراب ۽ جوا وغيره ڪان بہ پرهيز ڪجي ۽ سچائي، ايمانداري، ٻين سان چڱايون ۽ سخاوت ۽ ٻيا اهڙا چڱا ڪم ڪرڻ گهرجن. جاهل مسلمان چوندا آهن تہ جنهن ڪلمو شريف رڳو پڙهيو سو بهشت ۾ ويندو اگرچہ هو وڏا گناهہ ڪري. گويا ڪلمي پڙهندڙن ڪي عام موڪل آهي تہ ٺڳي، زنا، چوريون ۽ خونريزيون وغيره پلي ڪندا وتن ۽ پوءِ ڪلمي جي آڌار تي ۽ حضرت محمد ﷺ جن جي شفاعت سان سڌا بهشت ۾ هليا ويندا. مگر هي خيال قرآن شريف جي تعليم جي بلڪل خلاف آهي. ائين هجي ها تہ قرآن شريف جي نازل ٿيڻ جو ضرور ڪهڙو هو، ڇو نہ رسول الله ﷺ جن فقط ڪلمو سيڪاريو. قرآن شريف ۾ هزارين ڀيرا فرمايل آهي. تہ فلاح اُهي حاصل ڪندا ۽ جنت ۾ اُهي ئي ويندا جن ايمان آڻڻ سان گڏو گڏ چڱا عمل ڪيا هوندا. ٻيا ٻنهي جهانن ۾ مردود ۽ مصيبتن ۽ عذابن ۾ وڪوڙيل رهندا. خود ايمان جي لفظ ۾ ئي عمل سمايل آهي. جيئن اڳئي سمجهايل آهي تہ جڏهن تہ اسان ڪي پڪو ويساهہ آهي تہ باهہ ۾ هٿ وجهبو تہ سڙندو تڏهن هرويرو باهہ ۾ هٿ نٿا وجهون ۽ مليريا لاءِ ڪئين ڪائون ٿا. ڪي مسلمان چوندا آهن تہ ڪئين مليريا جو تپ هٽائيندڙ آهي. تڏهن تہ ڪئين ڪائون ٿا، ڪي مسلمان


www.sindhsalamat.com



Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

چوندا آهن تہ ڇا ڪيون اسان ضعيف آهيون شيطان اسان کي ڀُلائي ٿو وجهي. مگر قرآن شريف ۾ الله تعاليٰ بار بار فرمائي ٿو تہ سچن مؤمنن ۽ خدا جي صالح ٻانهن کي شيطان هرگز ڀُلائي نٿو سگهي. بيشڪ ڀُل ۾ وقت سر ضعيف انسان کان گناهہ جو ڪم ٿي ٿو وڃي اگرچہ هو سچو مؤمن هجي، ان بابت حديث شريف ۾ چٽائي ٿيل آهي، تہ مؤمن جي سڃاڻپ جي نشاني هيءَ آهي تہ جيڪڏهن هو چڱو ڪم ڪري تہ کيس خوشي ٿئي ۽ گناهہ جو ڪم ڪري ويهي تہ کيس افسوس ۽ پشيماني ٿئي. قرآن شريف ۾ چٽائي ٿيل آهي تہ جيڪڏهن ڪو گناهہ ڪري وهي ۽ پوءِ پشيمان ٿي توبہ ڪري ۽ آينده گناهہ ڪرڻ کان پاڻ بچائي تہ پوءِ الله تعاليٰ جي مغفرت ۽ رحمت کان نااميد نہ ٿئي. پر اسان مسلمانن ۾ تہ حالت ٿي اور آهي. اسان نہ رڳو گناهہ ڪريون ٿا پر بي شرم ۽ بي حجاب ٿي ڪيون ٿا، نہ انسانن کان شرم نہ خدا ۽ خدا جي رسول کان شرم بلڪ گهٽا تہ ڪليو ڪلايو گناهن جي ڪمن تي فخر ڪندا آهن ۽ چوندا آهن تہ ترقي اُهوئي ڪندو ۽ موجون اُهو ئي ماڻيندو جو وڏو بدمعاش هوندو. ناظرينو، پڙهندڙ انصاف ڪيو تہ اسان ڪيتري قدر مسلم ۽ مؤمن آهيون.

## مڃڻ جي معنيٰ

اڄوڪا مسلمان چوندا آهن تہ اسان الله تعاليٰ ۽ سندن رسول ﷺ کي نہ رڳو مڃون ٿا، پر سندن نالي تان بہ قربان آهيون. مان چوان ٿو تہ اسان الله ۽ سندس رسول سان ٺٺولي (استغفرالله اعوذ بالله منها) ڪري رهيا آهيون، نہ ڄاڻي واڻي، پر جهل ۽ ناداني کان. اسان "مڃڻ" لفظ جي معنيٰ بہ ڪانہ سمجهي آهي. الله تعاليٰ قرآن شريف ۾ فرمائي ٿو تہ الله ۽ سندس رسول ۽ ملائڪن ۾ ايمان آڻيو. جيڪڏهن ايمان ۽ مڃڻ جو مطلب آهي فقط سندن هئڻ جو اقرار ڪرڻ تہ پوءِ تہ شيطان بہ آهي. مگر ظاهر آهي تہ مڃڻ جو مطلب آهي ويساهہ رکي انهن جي هدايتن تي هلڻ الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ شيطان اوهان جو ڪليو ڪلايو دشمن آهي. مٿس ويساهہ نہ رکو، کيس ڪوڙو سمجهيو ۽ سندس چوڻ تي نہ لڳو الله تعاليٰ باربار فرمائي ٿو تہ اطيعو الله واطيعو الرسول يعني الله تعاليٰ جي فرمانبرداري ڪيو. تنهن ڪري ايمان ۽ مڃڻ جي معنيٰ آهي فرمانبرداري ڪرڻ، پٽ پنهنجي ماءُ پيءُ کي امان ۽ ابا ڪري سڏي مگر سندن چَوَڻ تي نہ هلي تہ ماءُ پيءُ بہ ڪانئس ناراض رهندا ۽ پنهنجو بہ خانو خراب ڪندو. ساڳي طرح شاگرد استاد کي سائين سائين سڏي مگر پڙهڻ لکڻ جو ڪم اصل نہ ڪري، اسڪول کان گسائي، جيڪڏهن ڪلاس ۾ اچي تہ رڳو گوڙ ۽ مستي ڪري ۽ وڳوڙ پيدا ڪري تہ استاد هن کي لت هڻي ڪڍي ڇڏيندو ۽ هو رُلي پني خراب ٿيندو. جيڪڏهن رعيت جو ڪو ماڻهو سرڪار کي ڊل نہ ڏي ۽ سرڪاري قانونن جي ڀڃڪڙي ڪري تہ ضرور هو جيل ۾ پوندو. سمجهو تہ ڪو ماڻهو ڪنهن سيٺ جو


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

پگهار دار نوڪر آهي ۽ سيٺ کي نوڙي سلام ٿو ڪري سائين سائين ٿو سڏي ۽ ڪيس چوي ٿو تہ توهان جي حڪم جي دير آهي. جيڪي فرمايو سو ڪريان. سيٺ هن کي چوي ٿو تہ هي خط ٽپال ۾ وجهجان ۽ هن بوٽ کي پالش ڪجان ۽ وغيره وغيره نوڪر چوي ٿو تہ حاضر سائين حاضر! سيٺ ٻاهر ٿو وڃي، نوڪر ڪوبہ ڪم نہ ٿو ڪري، جڏهن سيٺ واپس ٿو اچي تڏهن نوڪر وري بہ ڪيس نوڙي سلام ٿو ڪري. سيٺ پڇيس ٿو تہ فلاڻو فلاڻو ڪم ڪيئي؟ چئي نہ سائين. هاڻي ٻڌايو تہ اهڙي نوڪر کي سيٺ پگهار ڏيندو يا مار ڏئي ڪڍي ڇڏيندو. اسان بہ ڏينهن ۾ ٽيهہ ڪن ڀيرا الله تعاليٰ جي اڳيان ٻيهون ۽ نمون ۽ سجدو ٿا ڪريون ۽ چؤن ٿا تہ اي مهربان مولا اسان فقط تنهنجي ٻانهپ ڪيون ٿا، ڪندا آهيون ۽ ڪنداسين مگر حقيقت ۾ سڄو ڏينهن ڪوڙ ۽ دغا، وعده خلافي، گارين، فسادن، گلائن، فاحش ڪمن ۽ گناهن ۾ بسر ڪريون ٿا، اها خدا ۽ خدا جي رسول سان ٺٺولي نہ آهي تہ ٻيو ڇا آهي؟ خدا اسان کي انعام ڏيندو يا عذاب ڏيندو؟ حقيقت هيءَ آهي تہ الله تعاليٰ اسان کي ذليل ۽ خوار خراب ڪيو آهي ۽ سڀ مصيبتون اسان تي نازل ڪيون اٿس تہ بہ اڃا بہ اکيون ڪونہ ٿا کوليون. هاڻي ناظرينو، پڙهندڙؤ! انصاف ڪيو تہ اسان ڪيتري قدر مسلم ۽ مؤمن آهيون. هن مان ظاهر آهي تہ اسان رڳو نالي جا مسلمان آهيون. اسان نالي طور خدا ۽ سندس رسول ﷺ کي مڃون ٿا پر حقيقت ۾ شيطان کي، بتن کي ۽ ناجائز نفساني خواهشن کي ٿا پوڄيون. هاڻي سوال آهي تہ اسان کي ڪيئن يقين ٿئي تہ الله رسول ﷺ سچا آهن، قرآن شريف الله تعاليٰ جو سچو ڪلام آهي ۽ ان تي عمل ڪرڻ سان اسان دنيا ۽ آخرت جون سڀ نعمتون خود حڪومت سميت حاصل ڪري ٿا سگهون. جواب هي آهي تہ (1) رسول الله ﷺ جي سچي تاريخ غور ۽ فڪر سان پڙهڻ گهرجي. اڙدو ۾ قاضي سليمان جو رحمتہ اللعالمين، مولانا شبلي جو سيرة النبي ۽ سنڌي ۾ حيات النبي، حالات نبوي ۽ اسان جو پيارو رسول موجود آهي (2) قرآن شريف غور ۽ فڪر سان پڙهڻ گهرجي. خصوصاً اُهي آيتون جن ۾ اسان لاءِ هدايتون ۽ حڪم احڪام آهن. انگريزي ۾ علامہ يوسف علي ۽ حافظ غلام سرور جا ترجما، اڙدو ۾ بي شمار ترجما ۽ سنڌيءَ ۾ بہ ڪي ترجما موجود آهن. (3) قومن جي تاريخ ۽ سندن ترقي ۽ تنزل جو اڀياس ڪرڻ گهرجي. (4) ڪائنات ۽ انسان جي فطرت ۽ سندن روزمره جي عملن ۽ انهن جي نتيجن تي غور ڪرڻ گهرجي. اڪثر ماڻهن جا دماغ ڪمزور ۽ دليون تنگ آهن پوءِ هنن کي جيڪي اُٽ مغز ۾ ويٺل آهن سي ڇٽين حقيقتن ٻڌڻ يا پڙهڻ بعد بہ مغز مان نٽا نڪرن تنهنڪري سيني انسانن جو فرض آهي تہ هميشہ اهو خيال رکن تہ ممڪن آهي تہ اسان جا خيال غلط هجن ۽ اسان کي گهرجي تہ ٻين خيالن کي سمجهڻ جي گهڻي ڪوشش ڪيون. جيڪڏهن اُهي خيال صحيح ڏسڻ ۾ اچن تہ جُرائت ڪري بي ڊپائي سان اُهي خيال اختيار ڪري انهن تي عمل ڪيون ۽ انهن خيالن جي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

اشاعت ۽ تبليغ ڪيون. برنارڊ شا سڄي دنيا ۾ مشهور معروف فيلسوف آهي هن هڪڙي مضمون ۾ بلڪل زبردست لفظن ۾ لکيو آهي ته يورپ جي ماڻهن کي پنهنجي مشڪل مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ ضرور حضرت محمد ﷺ جن جي پيرن تي ڪرڻو پوندو يعني پنهنجي اخلاقي، پنگتي، سياسي ۽ اقتصادي سڌارن لاءِ قرآن شريف تي عمل ڪرڻو پوندو .

## مذهبن جي سچائي ۽ الله تعاليٰ جو وجود

سڀ مذهب اصل ۾ سچا آهن. ڪوبه ڪوڙو مذهب قبوليت حاصل ڪري نٿو سگهي. ڏسو اڪبر بادشاهه ڪيڏو عالي دماغ ۽ زبردست شنهشاهه هو تنهن هوندي به سندس ٺاهيل دين قبوليت حاصل ڪري نه سگهيو. (نوٽ: اڪبر ڪوبه نئون دين ڪو نه ٺاهيو هو پر اسلامي حڪومت کي هندستان ۾ مضبوط بنائڻ لاءِ اِها هڪ چال هئي جنهن ۾ هو ڪامياب ٿيو -مدير توحيد) هن هڪڙي ئي مثال مان ثابت آهي ته دين ۽ مذهب جو سيڪاريندڙ فقط الله تعاليٰ آهي. الله تعاليٰ پنهنجي فضل سان ڪنهن چڱي انسان کي چونڊي ڪيس پيغام موڪلي ٿو ۽ اُهو انسان ٻين انسانن کي اُهي پيغام پهچائي ۽ سيکاري ٿو. اڄ ڪلهه اهڙا ماڻهو تمام گهٽا آهن جي سمجهن ٿا ته الله تعاليٰ پيغمبر ڪونه ٿو موڪلي. جيڪي ماڻهو ائين سمجهن ٿا تن کي پنهنجي مذهب ۾ ائين ويساهه هئڻ ئي ڪونه گهرجي، جو ته انسان کهڙي به تحمل وارو هجي ته به سندس سڀ خيال صحيح تي نه ٿا سگهن. فقط الله تعاليٰ جي سيکاريل دين تي ئي پڪو ويساهه ڄمي سگهي ٿو. ڪي پڙهيل ماڻهو پاڻ ئي قبول ڪندا آهن ته بيشڪ ڪوبه انسان سورهن آنا سچيون هدايتون ڏيئي نٿو سگهي پر سندس هدايتون گهٽ قدر صحيح ٿين ٿيون. سوبه خاص سندس ملڪ لاءِ ۽ سوبه ٿوري وقت لاءِ. هر هڪ ملڪ ۽ هر هڪ زماني لاءِ نوان نوان فيلسوف پيدا ٿيندا رهن ٿا جي ترقي ڪرائيندا رهن ٿا. جيڪڏهن ائين آهي ته پوءِ دين ۽ مذهب کي پاڙ ئي ڪانهي ۽ ڪو به سمجهو ماڻهو ڪنهن دين تي پڪو ويساهه ڪونه رکندو نڪي ان تي عمل ڪندو. ڪي ماڻهو ته اهڙا به آهن جي الله تعاليٰ جي وجود جو ئي انڪار ڪن ٿا، حالانڪ الله تعاليٰ جي هئڻ جي شاهدي خود انسان جي فطرت ۽ اندر جو آواز ڏيئي رهيا آهن. ڪوبه سائنسدان چٽي نه سگهندو ته هن حيرت انگيز ڪائنات جو پيدا ڪندڙ يا اصلي سبب خدا ڪان سواءِ ڪو ٻيو ٿي سگهي ٿو. انڪانسواءِ پيغمبرن جي حياتيءَ جو احوال ۽ سندن تعليم تي غور ۽ خوض ڪبو ته يقين ٿي ويندو ته خدا سچ پچ آهي ۽ سندس سيکاريل دين سورهن آنا سچو آهي. اها ڳالهه برابر آهي ته مختلف ملڪن ۾ مختلف زمانن ۾ حالتون نراليون آهن پر بنيادي اصول ۽ بنيادي حقائق سيني ملڪن ۽ سيني زمانن لاءِ ساڳيا آهن. ڇو ته انسان جي فطرت هر ملڪ ۽ هر زماني ۾ ساڳي آهي. ڏسو ته رڳو هڪ شاعر


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

شڪسپيئر، جو انساني فطرت جو نقاش آهي، تنهن جا خيال هر هڪ ملڪ ۾ هر ڪنهن زماني ۾ مقبول ۽ راحت ڏيندڙ ثابت ٿيا آهن. مان دنيا جي فيلسوفن کي چيلنج ٿو ڏيان تہ ثابت ڪري ڏيکارين تہ قرآن شريف جو ڪوبہ حڪم ۽ ڪابہ هدايت يا فطرت انساني يا عقل جي خلاف آهي. يا ترقيءَ کي رد ڪندڙ آهي يا ڪنهن بہ ملڪ يا زماني ياحالت لاءِ ناموزون آهي.

## اسلامي برادري

پيغمبرن ۾ فقط هڪڙو ئي پيغمبر آهي جنهن جي حياتيءَ جو احوال ايتري قدر ڪافي يا گهڻو ۽ صحيح معلوم ۽ مڪتوب ٿيل آهي، جيتري قدر ڪنهن بہ ٻئي انسان جو بلڪ پنهنجي پيءُ ۽ ڏاڏي جو بہ معلوم نہ آهي. پيغمبرن تي نازل ٿيل ڪتابن مان فقط هڪڙوئي قرآن شريف آهي جو اڄ تائين صحيح سالم ۽ بنا ڦير ڦار جي موجود آهي ۽ قيامت تائين صحيح حالت ۾ موجود رهندو ڇو تہ قرآن شريف ۾ الله تعاليٰ پاڻ وعدو فرمايو آهي تہ مان هن ڪتاب جو محافظ آهيان. ٻين پيغمبرن جي حياتين جا احوال اڪثر ڪري ڏند ڪٿائون آهن جن لاءِ ڪا تاريخي تحقيقات ڪانہ ٿي سگهي. ٻين الاهي ڪتابن ۾ انسانن ۽ زماني جي دستبرد گهڻي ڦير ڦار ڪري ڇڏي. تنهن ڪري انهن کي هاڻي الاهي ڪتاب چئي نٿو سگهجي. تنهنڪري سيني انسانن کي يا تہ قرآن شريف تي ويساهہ ۽ عمل ڪرڻو آهي. ياتہ ڪليو ڪليو دهريہ ۽ لامذهب سڏائڻ گهرجي. اڄ اُهو زمانو آيو آهي جو هيءَ سڄي دنيا هڪ ٿي ويئي آهي. دنيا ۾ ڪٿي بہ ڪو واقعو ٿئي ٿو تہ سڄيءَ ڌرتي کي هڪدم معلوم ٿي وڃي ٿو. اهڙي زماني لاءِ الله تعاليٰ هڪ ئي ڪامل ڪتاب آخرين پيغمبر ﷺ جن جي هٿان موڪليو تہ سڀ انسان هڪ برادري ۾ اچي وڃن ۽ سڀ ڪامل ترقي ڪري دنيا ۽ آخرت جون نعمتون حاصل ڪن. اسلام لفظ جي هڪ معنيٰ اڳي ڏني وئي آهي. ٻي معنيٰ اٿس صلح، سلامتي ۽ امن امان. دين اسلام جو مقصد ئي اهو آهي تہ سڀ انسان هڪ ٻئي جا خير خواهہ هجن ۽ صلح، سلامتي ۽ امن امان سان گڏجي رهن ۽ گڏجي ڪم ڪن. سڀ انسان هڪ رب العالمين جا خلقيل هڪ ئي ڪٽنب آهن. اسان سيني کي الله تعاليٰ جي حڪمن هيٺ رهي سندس هدايتن تي عمل ڪري هڪ ٻئي سان ڀائرن وارو برتاءُ ۽ هلت چلت ڪرڻ گهرجي. اُهو مذهب هرگز سچو ٿي نٿو سگهي جو ٻين مذهبن وارن لاءِ ڌڪار يا دشمني سيکاري. هاءِ افسوس اڄ تہ اسان الاهي دين ۽ الله تعاليٰ جي حڪم کان ايتري قدر غافل ۽ انڪاري آهيون جو ڀائر، چاچا، ڀائيٽا، سوٽ ۽ پاڙيسري بہ هڪ ٻئي جو چڪين ماس ٿا ڪائين. پوءِ ڪيئن مختلف مذهبن ۽ ملڪن ۽ قومن جا ماڻهو پاڻ ۾ ايڪو ۽ اتفاق ڪري سگهندا؟ پڙهندڙ، ناظرين! پاڻ انصاف ڪيو تہ اسان ڪيتري قدر مسلم ۽ مومن آهيون.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

## حضرت رسول ﷺ

پاڻ سڳورا اٽڪل 570 عيسوي ۾ مڪي شريف ۾ تولد ٿيا. سندن والد اڳيئي گذاري ويو هو. سندن والده ۽ ڏاڏو به جلد گذاري ويا ۽سندن سنيال چاچي ابو طالب جي حوالي ٿي. پاڻ سڳورا ننڍي هوندي کان ڪوڙ نه ڳالهائيندا هئا. ۽ وعده خلافي ڪڏهن به نه ڪندا هئا. امانت ۽ ايمانداري ۾ ايتري قدر مشهور ٿي ويا جو ماڻهو کين صادق (سچو) ۽ امين (امانت وارو) ڪري سڏيندا هئا. 25 ورهين جي ڄمار ۾ شادي ڪيائون. شادي کان پوءِ روزگار جي تنگي کان رهي تنهن ڪري خدمت خلق ۾ مشغول رهندا هئا. هڪڙي انجمن جنهن جو خاص مقصد هو مسافرن ۽ مسڪينن جي خدمت ڪرڻ ۽ مظلومن جي واهر ڪرڻ تنهن ۾ گرمجوشي سان ڪم ڪيائون. مگر عربن جي اخلاقي حالت اهڙي ڪِريل هئي، ايتريقدر وحشي هئا ۽ مصيبتون ايتري قدر هيون جو پاڻ سڳورن جي دل پاش پاش ٿيندي هئي. انهيءَ ڪري 40 ورهن جي عمر کان اڳ حِرا جبل جي غار ۾ وڃي اڪيلا وهندا هئا جتي انسان جي فطرت، زندگي جي مقصد بين ڏکين مسئلن تي غور ۽ فڪر ڪندا هئا. 40 ورهن جي ڄمار ۾ انهيءَ غار ۾ کين الله تعاليٰ وٽان پيغام آيو. (پاڻ سڳورا لکي پڙهي ڪونه ڄاڻندا هئا) ته پڙهه پنهنجي پالڻهار جي نالي سان جنهن سڄي سرشتي کي خلقيو آهي. ۽ جنهن انسان کي رت جي ڄميل ڦڙي مان پيدا ڪيو آهي. پڙهه ته تنهنجو رب وڏو شان وارو ۽ وڏو مهربان آهي. جنهن قلم جي وسيلي علم سيکاريو ۽ اُهو علم سيکاريائين جو انسان اڳي نه ڄاڻندا هئا. اٽڪل ڇهه مهينا پوءِ وري کين حڪم آيو ته "اي چادر ۾ ويڙهيل اُٿ، اٿي خلق کي خبردار ڪر، پنهنجي رب جي ڪبريائي ۽ شان جو بيان ڪر، ڪپڙا پاڪ رک، اندرين خواهه ٻاهرين پليتي کان پري ڀڄُ. ان ڪم ڪرڻ ۾ دولت جي گهٽائي يا ڪابي خود غرضي جي تمنا نه رکج ۽ پنهنجي رب جي ڪارڻ محڪم ۽ اورچ رهجان."

هن حڪم پهچڻ بعد هوريان هوريان ماڻهن کي خدا جا حڪم پهچائڻ لڳا ته بتن، سج، چنڊ ۽ تارن جي پوڄا ڇڏي ڏيو. فقط الله جي ٻانهپ ڪيو، علم پڙهو، صفائي ۽ پاڪائي رکو، فاحش ۽ بيشرمي جا ڪم ڦٽي ڪريو، ڪوڙ نه ڳالهايو ۽ وعد خلافي نه ڪيو. مسڪينن تي ظلم نه ڪيو، دشمنيون، جنگيون ۽ جهيڙا بند ڪيو، پائر ٿي وڃو ته خدا اوهان کي دنيا ۾ به آسودو رکندو ۽ آخرت ۾ به بهشت نصيب ڪندو.

انهيءَ زماني ۾ ڪعبي ۾ 360 بُت رکيل هئا. چئني طرفن کان ماڻهو ڪعبي جي زيارت ۽ بتن جي پوڄا لاءِ ايندا هئا. انهيءَ ڪري مڪي جي قريش سردارن کي عزت ۽ دولت حاصل ٿيندي هئي تنهنڪري هنن حضرت جن جي سخت مخالفت شروع ڪئي. ٽن سالن ۾ فقط تيرهن مسلمان ٿيا. جيڪي مسلمان ٿيندا هئا تن تي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

سخت ظلم ٿيندا هئا خود حضورﷺ جن تي بہ قريشين سخت ظلم ڪيا، مگر پاڻ فرمائيندا هئا تہ ” اي انسانو! مون توهان ۾ سڄي عمر گذاري آهي. توهان کي منهنجي چالت چلت جي پوري خبر آهي. توهان منهنجي سڀ ڪنهن ڳالهہ تي بہ اعتبار ڪندا آهيو تہ پوءِ چوتا انهيءَ ڳالهہ تي بہ اعتبار ڪيو تہ الله تعاليٰ مون کي اوهان جي چڱائي لاءِ سهڻا ۾ مفيد پيغام موڪليندو رهي ٿو. مان ڪوبہ عيوضو تہ ڪونہ ٿو گهران، مون کي ڪا خود غرضي تہ ڪانهي، اٿلندو تڪليف ۾ مصبتن هيٺ اچي ويو آهيان. پر مون کي الله تعاليٰ پڪو وعدو ڏنو آهي تہ اسلام جي فتح ٿيندي ۾ اسلام جا دشمن فنا ٿي ويندا. توهان جيڪڏهن خدا تعاليٰ جي فرمانبرداري ڪندؤ تہ اوهان کي فائدو رسندو نہ تہ اوهان تي ئي عذاب نازل ٿيندا.

هوريان هوريان مسلمانن جو تعداد وڌندو ويو. قريشن جا متن ظلم وڌندا ويا. تنهڪري ڪي مسلمان حبش ڏي ڀڄندا ويا تہ ڪي مديني منورڏي. هنن اسلام خاطر ظلم سنا، پيارو وطن ڇڏيائون، گهر و بار، ۾ ملڪيتون ڇڏيائون مگر اسلام نہ ڇڏيائون. قريشين ميٽنگ ڪري حضرت جن کي چيو تہ جيڪڏهن تنهنجي مرضي آهي تہ بادشاهہ ٿيان تہ اچ تہ توکي بادشاهہ ڪيون. جيڪڏهن دولت گهرجيئي تہ بيشمار دولت ڏيون. ڪا سهڻي زال گهرجيئي تہ اها وٺي ڏيون. مگر اسان جي بتن جي مخالفت ڇڏي ڏي. پاڻ سڳورن جواب ڏنو تہ مون ۾ ڪابہ خودغرضي ڪانهي. مان فقط خدا جا پيغام اوهان کي پهچايان ٿو. قبول ڪندؤ تہ فائدو پائيندؤ نہ تہ نقصان هيٺ ايندؤ. مان توهان سان ڪهڙي دشمني ٿو ڪيان جو الله تعاليٰ جي ڪم ۾ رنڊڪون ٿا وجهو.

ڪجهہ وقت ڪانپوءِ وري قريشين ميٽنگ ڪري حضرت جن جي چاچي ابو طالب کي چيو تہ پنهنجي ڀائٽي کي سمجهاءِ نہ تہ ڪيس قتل ڪنداسين. ابوطالب حضرت جن کي چيو تہ هاڻي پاڻ کي بہ خطرو اٿئي ۾ مون کي بہ تو خطري ۾ وجهين. پاڻ سڳورن فرمايو تہ چاچا اهي ڪافر جيڪڏهن منهنجي هڪڙي هٿ تي سج ۾ ٻئي تي چنڊ آڻي رکن ۾ حڪم ڪن تہ اهو ڪم ڇڏي ڏي تہ بہ خدا جي حڪمن مان هڪڙو حرف بہ نہ گهٽائيندس، اگرچہ منهنجي جان هلي وڃي. پوءِ مڪي جي قريشين هڪ ڳجهي ميٽنگ ۾ ٺهراءُ ڪري هر هڪ قبيلي مان هڪ پهلوان چونڊيو. اهي پهلوان هڪ رات رسول الله ﷺ جي گهر کي گهيرو ڪري ويٺا انهيءَ لاءِ تہ جڏهن اُسر جي وقت دستور موجب ٻاهر نڪرن تہ ڪين قتل ڪري ڇڏجي. مگر رسول الله ﷺ گهيري هوندي بہ گهر مان اَسُر ڪان گهڻو اڳي نڪرن هليا ويا. ۾ هنن انڌن کي خبر بہ نہ پئي. ڪجهہ ڏينهن پوءِ رسول ﷺ جن مديني منور ۾ پهچي ويا. اتي جا ماڻهو ڪي تہ اڳيئي مسلمان ٿيا هئا ۾ ڪي هاڻي بہ ٿيا. هنن حضرت جن کي نہ رڳو رسول ڪري مڃيو پر حڪومت جون واڳون بہ ڪين سپرد ڪيون. رسول ﷺ جن هڪدم سڌارن جي ڪمن کي لڳي ويا. مدينہ ۾ آسپاس جي يهودين ۾ ڪرستانن سان ۾ آسپاس جي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۾ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

عربن سان صلح ۾ رهڻ جا عهدنامہ ڪيا. مگر قريشين هڪبئي پنيان مديني تي حملا ڪيا مدينہ جي يهودين ۽ ٻاهرين عربن بہ دغا ڪري قريشين جي مدد ڪئي. انهن جنگين ۾ مسلمانن جو لشڪر دشمن جي فوج جي ٽئين پتي يا گهٽو گهٽ هو، تنهن هوندي بہ الله تعاليٰ مسلمانن کي سو ڀارو ڪيو. آخر مسلمانن خود مڪو شريف فتح ڪيو. ٻاجهاري نبيءَ ﷺ سيني دشمنن کي معافي ڏني نڪا ڦر لٽ ڪرائي. اٽلندو مسلمانن جون ملڪيتون ۽ جايون جي مڪي ۾ ڇڏي ويا هئا سي بہ واپس نہ ورتيون. پوءِ قريش ۽ گهڻا عرب طوعاً ڪَرهاً مسلمان ٿيا.

ان کان ڪجهہ اڳي حضرت جن ﷺ گهڻن بادشاهن ڏي خط موڪليا تہ مسلمان ٿيو. روم جي شنهشاهہ هرقل کي جڏهن خط پهتو تڏهن حڪم ڪيائين تہ عرب جا ڪي ماڻهو هن شهر ۾ هجن تہ انهن کي وٽي اچو. اتفاق سان مڪي جو سردار ابو سفيان اُتي هو. ڪيس سندس ساٿين سميت دربار ۾ آندائون. ابو سفيان ۽ سندس ساٿي اُن وقت حضرت جن جا سخت دشمن هئا. هرقل ابو سفيان کي چيو تہ منهنجي سوال جا جواب سچا ڏجان ۽ سندس ساٿين کي چيائين تہ جيڪڏهن ڪو جواب گهٽ وڌ هجي تہ توهان سچو جواب ڏجو. ڏهن ٻارهن سوالن مان ڪ گو تي ڏجن ٿا:

(1) حضرت محمد ﷺ ڪڏهن ڪوڙ ڳالهايو آهي؟ جواب، نہ.

(2) ڪڏهن انجام ڀڳو اٿس؟ جواب، نہ.

(3) ڪڏهن عهد نامي جي خلاف ويو آهي؟ جواب، نہ.

سيني جوابن ملڻ بعد هرقل فرمايو تہ بيشڪ هو سچو نبي آهي. ابو سفيان گهڻا سال پوءِ چيو تہ سِرَ جو ڊپ نہ هجيم ها تہ حضرت جن تي گهڻا ڪوڙ هڻان ها ۽ سندس گلا ڪيان ها. (اهڙا لفظ بخاري جي روايت ۾ ڪونہ آهن -مدير)

## حضرت جن جا اخلاق

حضرت جن ﷺ نماڻا، لڄارا، سچا ۽صاف هوندا هئا. سندن اخلاق اعليٰ درجي جا هئا. سندن سادگي ايتري حد تي هوندي هئي جو بادشاهيءَ هوندي، بہ گهر ۾ ڪجهہ ڪين هو.نہ پيسو نہ سامان چلهي ۾ طعام ڪو ورلي تيار ٿيندو هو. اڪثر ڪري ڪارڪن تي گذران ڪندا هئا. ڪپڙا اُهڙا سادا هوندا هئا جهڙا سيني کان وڌيڪ مسڪين ماڻهو پائيندا هئا. اڪثر ڪري پٽي اگهاڙي هوندي هئي. تڏي تي سمهي پوندا هئا تہ تڏي جا نشان پُٺيءَ تي نهي بيهندا هئا. ڪپڙو ڦاٽندو هو تہ وري پاڻ ئي ٽوپو ڏيئي پائيندا هئا. جُتي ڇجندي هئي تہ پاڻ ئي ڳنڍيا ٽوپو ڪري وري پائيندا هئا. ڪم ڪرڻ کان عار ڪونہ ڪندا هئا. ٻڪري ڏهندا هئا. ٻهاري پائيندا هئا. بازار مان گهربل شيون وٺي ايندا هئا. ڪاٺيون ٻارڻ لاءِ جهنگ مان آڻيندا هئا. ڪوڏر هڻندا هئا، ٻڪريون چاريندا هئا. واپار ڪندا هئا بادشاهي جي زماني ۾ بہ اهڙا سڀ ڪم


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڪندا هئا.

”مساوات“ يعني هڪجهڙائي جو خيال منجهن ايتري قدر محڪم هو جو پاڻ بار بار فرمائيندا هئا ته ”مان اوهان جهڙو انسان آهيان جنهن ۾ تڪبر ۽ وڏائي جو هڪڙو داڻو به موجود آهي سو بهشت ۾ ڪونه ويندو“ سو ال جي جواب ۾ فرمايائون ته تڪبر جي معنيٰ آهي پاڻ کي وڏو سمجهڻ ۽ ڪنهن ٻئي کي پاڻ کان گهٽ ڄاڻڻ . پاڻ سڳورا اڄوڪن پيرن زميندارن ۽ ڪامورن وانگر متاهين يا الڳ جاءِ تي ڪونه وهندا هئا بلڪ سيني ساٿين سان اهڙو رلي ملي وهندا هئا جو ٻاهريون اڻ واقف ماڻهو ڪين ملڻ لاءِ يا ڪنهن ڪم لاءِ ايندو هو ته ڪيس لاچار پڇڻو پوندو هو ته فلاڻو نبي ڪريم ﷺ ڪٿي آهي. پوءِ ٻيا ٻڌائيندا هئا ته هي ويٺو آهي يا پاڻ چوندا هئا ته مان آهيان.

جيڪڏهن پاڻ اٿندا هئا يا ٻاهران ايندا هئا ته ويٺل ماڻهو ادب خاطر اُٿي بيهڻ چاهيندا مگر پاڻ سڳورا سختي سان منع ڪري ڇڏيائون ته ڪو به اُٿي نه بيهي.

سندن وفات بعد هڪڙي پيري سندن بي بي عائشه رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا فرمايو ته حضرت جن ايتري قدر لڄارا هئا جو مون به ڪڏهن سندن اگهڙ نه ڏٺي. ايتري نرمي نمائٽي ۽ لڄارپ هوندي به عدل ۽ انصاف جي ڪم ۾ بلڪل محڪم ۽ سخت هئا. مسڪينن سان محبت رکندا هئا، شاهوڪارن ۽ زورداورن ماڻهن جي پاسخاطري يا خوشامد بلڪل ڪين ڪندا هئا.

## ڪجهه اسلامي سبق

هرقل شهنشاهه جيڪي عجيب ريمارڪ ابوسفيان جي جوابن تي ڪيا هئا، تن مان هڪ هي هو ته جنهن سچي حياتي ڪنهن به انسان تي ڪوڙ نه هنيو سو خدا تي ڪيئن ڪوڙ هڻندو ته هو مون کي پيغام ڏئي موڪلي. ناظرين پڙهندؤ! غور ڪري ڏسو: چاليهن ورهين جي ڄمار تائين حضرت جن آرام جي زندگي گذاري، ڪين هر ڪوئي عزت ڏيندو هو، امين ۽ صادق سڏيندو هو، دولت گهرج کان وڌيڪ نه هين ۽ سندن اهليه ۽ اولاد ڪين بيحد پيارا هئا. ڪين ڪهڙي ضرورت هئي جو چاليهن ورهين کان پوءِ پاڻ کي تڪليفن ۾ وجهي سوبه ڪهڙي خود غرضي لاءِ؟ سالن جا سال هر قسم جا ظلم سنائون ۽ ظاهري ته پوءِ به فتحيابي جو نشان ڪونه پئي ڏسڻ ۾ آيو. ڪين لالچون به سڀ ڏنائون ۽ پوءِ قتل جي ڌمڪي ڏنائون پر پاڻ اصل نه مڙيا، شايد ڪي منڪر چون ته هُن جي دماغ ۾ جنون اچي ويٺو ته خداڪان مون ڏي پيغام ٿا اچن مگر جنون (ماليخوليا) وارا ڪڏهن به ڪامياب نٿا ٿين. پاڻ سڳورن حڪومت هلائي، فيصلا عدل ۽ انصاف سان نبيريا. جنگيون ۽ عهدناما، اخلاقي، پنگتي ۽ سياسي سڌارا ڪيا ۽ اهڙا عاليشان ڪم ڪيا جهڙا ٻئي ڪنهن به نه ڪيا. اهڙا ماڻهو ٻيا به ٿورا


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

تي گذريا آهن جن بادشاهي هٿ ڪئي پر انهن اڪثر ڪري ڌاڙا، خونريزيون، اوچتا حملا ڪيا. ٺڳيون ۽ پاليسيون هلايون مگر حضرت جن اٿلندو ظلم سٺا سندن ساٿي ظلم کان مکو شريف ڇڏيندا ويا ۽ پاڻ صبر ۾ رهيا. آخر مديني جي ماڻهن پاڻ لِڪ چپ ۾ مڪي ۾ اچي ڪين عرض ڪيو ته هلي اسان وٽ رهو. سندن دعوت قبول ڪري پاڻ سڀورا اُتي وڃي رهيا. قريشن ڪي پوءِ به آرام نه آيو ٿورڙن سَوَ مسلمانن تي هزارن جا لشڪر آڻي حملا ڪيائون. حضرت جن ڪي مجبوراً پنهنجي ساٿين (رعيت) جي بچاءَ لاءِ جنگيون ڪرڻيون پيون ۽ ڪامياب ٿيا. پر بادشاهه ٿيڻ ۽ چڱي حڪومت هلائڻ ڪجهه به نه آهي. وڏي ڳالهه هي آهي ته حضرت جن وحشي عربن ڪي انهيءَ اخلاقي ۽ روحاني حالت تي پهچايو جنهن تي اڄ تائين ڪابه قوم ڪانه پهتي. گويا مٽيءَ ڪي سون ۽ اڱرن ڪي هيرايا موتي بنائي ڇڏيائون. تاريخ ان لاءِ شاهد آهي ته انگريزي ۾ چوڻي آهي ته وڻ جي قدر جي خبر پوي ٿي ميوي مان، انهيءَ ۾ شڪ ئي ڪونهي ته جهڙي ڪاميابي حضرت جن ڪي حاصل ٿي تهڙي ڪنهن به انسان يا پيغمبر ڪي حاصل نه ٿي. پڙهندڙو! ڇا اجابه ڇئي سگهو ٿا ته پاڻ سڀورا الله جا رسول نه هئا اللهم صل وسلم بارڪ عليه بداً ابداً

## قرآن شريف

اسلام جي سچائي جو ٻيو وڏو ثبوت آهي خود قرآن شريف. وڏي ۾ وڏا پڙهيل مصنف قلم کڻي ويهي مضمون يا ڪتاب يا شعر لکن ٿا، بار بار انهن ڪي درست ڪن ٿا پوءِ به منجهن گهڻيون ئي لفظي يا خيالي غلطيون رهجي ٿيون وڃن. مصنف خود پاڻ جڏهن نوان نوان ڇاپا ڇپرائين ٿا تڏهن وري وري درستيون ڪن ٿا ۽ خود سندن خيال جيئن پوءِ تئين مٽباٽا وڃن. سندن عبارت جئين پوءِ تيئن وڌيڪ استعمال سبب بهتر ٿيندي ٿي وڃي. مگر حضرت جن جي حالت تي غور ڪيو. پاڻ اڻ پڙهيل هئا. شعر سان به دلچسپي ڪانه هين. زباني طور قرآن شريف جون سورتون ٻڌائيندا هئا ۽ لکرائي ڇڏيندا هئا. ٽيويهه سال ائين ٿيندو رهيو. مگر نه ڪڏهن درستي ڪيائون ۽ نه ڪو لفظ ڪدي ڇڏيائون ۽ نه وري ڪو اڳي ٻڌايل خيال يا حڪم جي ابتڙ ڪو ٻيو خيال يا حڪم قرآن شريف ۾ آيو. خود قرآن شريف ۾ فرمايل آهي ته جيڪڏهن هي ڪلام خدائي نه هجي ها ته منجهس گهڻوئي اختلاف ڏسو ها. قرآن شريف جا الفاظ ۽ عبارت اهڙا سهڻا آهن جهڙا نه اڳي ڪنهن ڪم آندا نه اڄ تائين ڪو شخص اهڙي سهڻي عبارت لکي سگهيو آهي. خود قرآن شريف ۾ بار بار ڪافرن ڪي چئلنج ڏنل آهي ته اهڙي هڪڙي سورت يا هڪڙي آيت ته ناهي ڏيکاريو. وڏا وڏا فصيح شاعر عاجز ٿي پيا ۽ بي اختيار اسلام قبول ڪيائون.

قرآن شريف جو هي هڪ معجزه آهي ته اگرچه انهن ڏينهن ۾ ڇاپخانا ته ڪونه


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

هئا پر رڳو لکڻ جو هنر به اڏورو هو ته به قرآن شريف ۾ زير زبر جو تفاوت به اڄ تائين ڪونه پيو آهي. شيڪسپيئر جا ڊراما اگرچه ڇاپخانن جي زماني ۾ لکيا ۽ ڇپيا ويا ته به انهن ۾ ڪيترين تبديلين ٿي ويون آهن. قرآن شريف ۾ الله تعاليٰ پاڻ فرمائي ٿو ته مان هن ڪتاب جو محافظ آهيان.

قرآن شريف جي تعليم ڪيتري قدر حيرت انگيز ۽ سچي آهي ۽ ڪيتري قدر گهٽائي خيال ۽ حڪم ڏيکارين ٿا ته الله تعاليٰ ڪانسواءِ ڪنهن به انسان اهڙا خيال ۽ حڪم نه ڪديا هوندا تنهن جي ڏيکارڻ لاءِ ڪتاب گهرجن. هتي گنجائش ڪانهي جو هن بابت قلم هلائجي.

پڇاڙيءَ ۾ سيني ڪان پوءِ جيڪي الفاظ الله تعاليٰ وٽان آياسي آهن "اڄ مون اوهان جي دين ڪي ڪامل ڪيو ۽ اوهان تي نعمت پوري ڪيم ۽ دين اسلام اوهان لاءِ پسند ڪيم." ناظرين، هن ڳالهه تي غور ڪيو ته حضرت جن انهن الفاظن جي نازل ٿيڻ بعد جلدئي بيمار ٿيا ۽ رحلت فرمايائون. هن مان ظاهر آهي ته الله تعاليٰ حضور جن ڪي فقط تيستائين زنده رکيو جيستائين قرآن شريف پورو نازل ٿي رهي ۽ پوءِ هڪدم ڪين پاڻ ڏي آڻائي ورتائون. جڏهن ته دين ڪامل ٿي چڪو ۽ قرآن شريف صحيح صحيح موجود آهي ۽ موجود رهندو تنهن صورت ۾ نڪو ٻيو پيغمبر پيدا ٿيڻو آهي، نڪو ٻيو ڪتاب ئي نازل ٿيڻو آهي.

## عمل ۽ اخلاق

سڀ ڪنهن قسم جي ترقيءَ جو مدار آهي نيڪ عملن ۽ نيڪ اخلاقن تي. سچي قرآن شريف ۾ جابجا ايمان ۽ چڱن عملن تي زور ڏنل آهي. پاڻ سڳورن فرمايو ته "مون کي الله تعاليٰ انهيءَ ڪري موڪليو آهي ته نيڪ اخلاقن کي ڪماليت ڏيان. ۽ پڻ فرمايائون ته بهشت ۾ اُهو ويندو جنهن جا اخلاق چڱا هوندا." قرآن شريف ۾ الله تعاليٰ حضرت ﷺ جن کي فرمائي ٿو ته "بيشڪ تنهنجا اخلاق اعليٰ آهن." حضرت جن جي وصال بعد ڪنهن شخص بي بي عائشه سڳوري کان پڇيو ته حضرت جن جا اخلاق ڪهڙا هئا؟ جواب ۾ فرمايائين ته "سندن اخلاق هئا قرآن" يعني سيني ديني حڪمن تي عمل ڪندا هئا.

هڪڙي حديث ۾ آهي ته " اهو مؤمن ئي نه آهي جو چوري ٿو ڪري يا زنا ٿو ڪري يا شراب ٿو پيئي يا ڦر ٿو ڪري يا امانت ۾ خيانت ٿو ڪري." ٻي حديث ۾ آهي ته "منافق اُهو آهي جو گهڻو ڪوڙ ڳالهائي ٿو. وعده ڪري ته پورو نه ڪري. عهد ڪري ته ٽپي ۽ امانت ۾ خيانت ڪري." ٻيون حديثون آهن ته اسلام آهي خدا جي حڪمن جي فرمانبرداري ۽ انسان ذات سان خير خواهي ڪرڻ. مُسلم اهو آهي جنهن جي هٿ ۽ زبان کان سڀ انسان سلامت هجن. جيڪو ٻئي جو حق ٿو ڪائي سو خدا جي


www.sindhsalamat.com

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

هيڪڙائي ڪي مجيندڙ ناهي. خدا ان تي رحم نٿو ڪري جيڪو ٻين انسانن تي رحم نٿو ڪري. قرآن شريف ۾ آهي ته الله تعاليٰ جي ٻانهپ ڪيو ۽ ڀلائي ڪيو والدين ۽ مائٽن سان، پاڙيسرين سان پوءِ هو مسلم هجن توڙي غير مسلم هجن. ٻئي هنڌ آهي ته نيڪي ۽ پرهيزگاري ۾ ٻين جي مدد ڪريو مگر گناهه ۽ دشمنيءَ جي ڪمن ۾ مدد نه ڪيو. يعني جيڪڏهن پنهنجو ڀاءُ ٻئي ڪنهن غيرمسلم سان ظلم ڪري ته انهيءَ غير مسلم جي مدد ڪرڻ گهرجي. ٻئي هنڌ فرمايل آهي ته سچي شاهدي ڏيو اگرچه ڀاءُ يا پنهنجي خلاف هجي ۽ اگرچه ٻئي ڌر غير مسلم هجي. هڪڙي عاليشان آيت سڀوري آهي ته الله تعاليٰ وٽ انهيءَ جي عزت وڏيڪ آهي جو پرهيزگاري ۽ نيڪي جي ڪمن ۾ وڌيڪ آهي. هنن آيتن ۽ حديثن مان ظاهر آهي ته اسلام اخلاقن جي بلندي ٿو سيکاري. اوائلي زماني ۾ مسلمان غيرمسلمانن ڪي چوندا هئا ته ڪو به مسلم ڪڏهن به ڪوڙ نه ڳالهائيندو. جي هن ڪو ڪوڙ ڳالهايو ته سمجهو ته هو مسلم ناهي. جيڪڏهن ڪو مسلم ڪو ڏوهه ڪندو هو ته ڪنهن ڪي به خبر ڪانه پوندي هئي ته پاڻ ئي وڃي حاڪم يا قاضي ڪي ٻڌائيندو هو ته مون فلاڻو ڏوهه ڪيو آهي مون ڪي سزا ڏيو. ترقيءَ ۽ خود حڪومت حاصل ڪرڻ لاءِ ايمان سان گڏ اهڙن نيڪ اخلاقن جي ضرورت آهي جيڪي مٿي بيان ڪيا ويا آهن.

### اسلام جا ٿنڀ

گهڻا مسلمان سمجهندا آهن ته جيڪو ڪلمون پڙهندو، نماز ادا ڪندو، روزا رکندو، زڪواة ڏيندو ۽ حج ڪندو تنهن جا گناهه ڌوپجي ويندا ۽ هو سڌو بهشت ۾ ويندو؛ مگر قرآن شريف ۾ يا حديثن ۾ ائين ڪٿي به ڪونه فرمايل آهي. انهن ڪي ٿنڀ انهيءَ لاءِ سڏيو ٿو وڃي جو انهن تي اسلام جي عمارت ڪڙي ڪري سگهجي ٿي. پر جيڪڏهن عمارت ئي ڪانه هجي ته پوءِ ٿنڀ ڪهڙي ڪم جا ٿيا. اڄ ڪلهه ته انهن ٿنڀن جو به رڳو نالو نشان وڃي رهيو آهي. ڀيو خير ئي خير! عمارت آهي اخلاقي پابندي جا هاٽي گم ٿي ويئي آهي. چو ته انهن پنجن ٿنڀن ڪي جنهن نموني قائم رکڻ گهرجي تنهن نموني ۾ قائم ڪونه ٿا ڪيا وڃن.

(1) ڪلمي شريف جي معنيٰ به ڪنهن ورلي ڪي ٿي اچي. جيڪڏهن معنيٰ سمجهي ڪلمون پڙهجي ته اسان ڪي هر هر ياد گيري ڏياري ته اسان ڪي روز مرهه جي سيني ڪمن ۾ الله تعاليٰ جي حڪمن جي پيروي ڪرڻي آهي. جي حڪم قرآن شريف ۾ ڇٽا ڇٽا ڏنل آهن. مگر اسان ته قرآن شريف به معنيٰ سان ڪونه ٿا پڙهون.

(2) الله تعاليٰ قرآن شريف ۾ فرمائي ٿو ته نماز فاحش ڪمن ۽ گناهن ڪان روڪي ٿي. حديث شريف ۾ آهي ته نماز دل ڪي صاف ٿي ڪري ۽ جا نماز گناهه ڪان نٿي روڪي سان اٿلندو خدا ڪان اسان ڪي پري ڪري ٿي ڇڏي. مگر اسان ڪي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

نماز مان اهي مقصد حاصل ڪونہ ٿا ٿين ڇو تہ اسان نماز جا الفاظ نہ ٿا سمجهون، نہ ڪي انهيءَ نيت سان نماز ٿا پڙهون تہ اسان خدا جي حڪمن تي هلون. نماز اسان کي ٻين فائدن کان علاوه وقت جي پابندي، ارادي جي قوت ۽ پاڻ تي ضابطو رکڻ ۽ ڊسپلن سيکاري ٿي جن کان سواءِ دنيا ۾ ڪا بہ ڪاميابي حاصل ڪري نٿا سگهون.

(3) قرآن شريف ۾ آهي تہ توهان تي روزا انهيءَ لاءِ فرض ڪيا ويا آهن! تہ پرهيزگاري سکو. حديث شريف ۾ آهي تہ جيڪو روزن ۾ گناه نٿو ڇڏي انهن جي کائڻ پيئڻ جي ڇڏڻ تي الله تعاليٰ ڌيان ڪونہ ٿو ڏئي.

(4) زڪواة هڪڙي ڍل آهي جا مسلمانن جو امير شاهوڪارن مان اڳاڙي فقيرن ۽ مسڪينن جي مدد ۾ خرچ ڪري ٿو.

(5) حج ٻين فائدن ڏيڻ جي علاوه الله تعاليٰ جي راه ۾ مال ۽ اولاد قربان ڪرڻ جي تعليم ٿو ڏئي. مگر اڄ ڪلهہ پنجن ٿنين جو رڳو نالو آهي ۽ بس.

## مذهب ڇا آهي؟

اڄ ڪلهہ سمجهيو وڃي ٿو تہ مذهب آهي فقط نماز يا پوڄا. انهيءَ ڪري ائين پڻ سمجهيو وڃي ٿو تہ مذهب هڪ انفرادي يا شخصي سوال آهي. حقيقت هيءَ آهي تہ مذهب جي معنيٰ آهي واٽ، جنهن تي اسان سيني کي هلڻ گهرجي. اسانکي چوويهن ئي ڪلاڪن ۾ جيڪي جيڪي ڪرڻو آهي. ۽ جيڪي ڪم ڪرڻا آهن سي خدائي هدايتن، حڪمن، قانون ۽ اصولن موجب ڪرڻا آهن. انهيءَ ڪري سيني پيغمبرن نہ رڳو نماز يا پوڄا جو طريقو سيکاريو پر سيني دنيا ئي ڪمن بنسبت حڪم، اصول ۽ قانون سمجهايا. مثلاً حضرت موسيٰ تي ڏهہ حڪم نازل ٿيا جي هن بني اسرائيل کي سيکاريا ۽ جن تي هنن کي عمل ڪريائين. اسلام نہ رڳو نماز، روزا، زڪواة ۽ حج ادا ڪرڻ جو حڪم ٿو ڏئي پر اُهي سڀ اصول بہ ٿو سيکاري جن تي هلڻ سان اسان بدني، اخلاقي، مالي، ملڪي ترقي ڪري سگهون. اسلام سيکاري ٿو تہ ڪهڙا ڪم گناه ۽ بربادي جا آهن. ڪهڙا ڪم ثواب ۽ فائدي يعني سڌاري ۽ ترقي جا آهن. اسلام اخلاقي، پنگتي، اقتصادي، (مالي)سياسي قانون ۽ اصول سيکاري ٿو. اسلام سول ۽ فوجداري قانون مقرر ڪري ٿو مثلاً شادي، طلاق، ۽ ورثي جا قانون سيکاري ٿو. لڙائي ۽ صلح جا قانون ۽ ٻيا بين الاقوامي قانون ٻڌائي ٿو. اسلام سيکاري ٿو تہ ماءُ پيءُ ۽ اولاد جا، زال ۽ مڙس جا، سرڪار ۽ رعيت جا، مختلف مذهب وارن جا، پاڙيسرين جا هڪ ٻئي تي ڪهڙا حق ۽ فرض آهن. نہ رڳو کائڻ، پيئڻ ۽ ننڊ ڪرڻ پر فطرت جي قانونن تي هلڻ بہ مذهبي ڪم آهي.

اهو خيال بلڪل واهيات آهي تہ مذهب هڪ انفرادي شخصي سوال آهي.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

جماعتن يا سرڪار جو ان سان ڪوبہ واسطو ڪونهي. حقيقت هي آهي تہ ڪو بہ اهڙو گناهہ جو ڪم ڪونهي جو رڳو ڪندڙ ڪي. نقصان رسائي نہ ٻين ڪي. مثلاً ڪو شخص هڪ رپيو درياءَ ۾ ڪٽي ڦٽو ڪري تہ ان ۾ نہ رڳو سندس نقصان آهي پر سندس ڪٽنب جو بہ نقصان آهي بلڪ سڄي ملڪ ڪي نقصان آهي. اهڙي طرح زنا، جوا، شرابخوري نہ رڳو ڪندڙن ڪي ۽ سندن عزيزن دوستن ۽ پاڙيسرين ڪي، بلڪ سڄي قوم ۽ ملڪ ڪي تباهي ڏي ٿا گهلين.

بد اخلاق ۽ لوفر ماڻهو نہ رڳو پاڻ ڪي ۽ ٻين ڪي نقصان ٿا رسائين پر سندن مثال وٺي ٻيا بہ بداخلاق ۽ لوفر ٿي ٿا پون. جيڪڏهن زميندار ڪامورا وغيرهہ عام ماڻهن تي ظلم ڪري ڪين جاهل، بداخلاق ۽ سڄو رکن تہ اهي ٻين خرابين جي علاوه چوريون، ڌاڙا ۽ خون ڪري ملڪ ڪي تباهہ ٿا ڪن. اهڙن ظلمن جي ڪري فرانس ۾ 1789ع ۾، رشيا ۾ 1917ع ۾ زبردست انقلاب ٿيا جن ۾ بادشاهن جا سڄا ڪٽنب، سردار، زميندار، عهديدار، پادري مارجي فنا ٿي ويا. مطلب تہ ملڪن ۽ قومن جي ترقيءَ جو دارومدار نيڪ اخلاقن تي آهي. ۽ بداخلاقي تباهي جو باعث آهي. تنهن ڪري سرڪاري خواهہ چڱن ۽ سٺن ماڻهن جو ٻين تي فرض آهي تہ ٻين ڪي هر حيلي سان گناهن کان رو ڪن ۽ چڱا ڪم ڪرائين.

## اخلاق ۽ نظام

ترقي ۽ خود حڪومت حاصل ڪرڻ لاءِ ٻن ڳالهين جي ضرورت آهي: (1) نيڪ اخلاق (2) نظام يا تنظيم،

ڪهڙا اخلاق چڱا آهن ۽ ڪهڙا لچڻ خراب ۽ نقصانڪار آهن يعني ڪهڙا ڪم ثواب ۽ فائدي وارا آهن ۽ ڪهڙا ڪم نقصان وارا آهن. تنهن جو فيصلو ڪير ڪري؟ گهڻائي ماڻهو اهڙا آهن جي شرابخوري، جوا بازي، زناڪاري، وياج خوري وغيره ڪي گناه جا ڪم يا نقصان وارا ڪم نٿا سمجهن. مگر اسان مسلمانن لاءِ سڀ ڳالهيون الله تعاليٰ قرآن شريف ۾ چٽيون ڪري ڇڏيون آهن. مون ڪي خبر آهي تہ اسان مسلمانن ۾ بہ گهڻائي انگريزي دان يورپي لوڪن جي طاقت ۽ تجمل ڏسي اسلام کان بدظن ٿي رهيا آهن. ان جو وڏو سبب هي بہ آهي تہ هنن قرآن شريف جو اڀياس چڱي طرح نہ ڪيو آهي. نڪي اوائلي مسلمانن جي تاريخ تي غور ڪيو اٿن. هو بيشڪ اهو سوال ڪري سگهن ٿا تہ جيڪڏهن اسلام سچو آهي تہ پوءِ ڇو مسلمان پٺ پئجي ويا آهن. ۽ ڇو يورپي لوڪ اسلام اختيار ڪرڻ ڪانسواءِ ئي هيڏي وڏي ترقي ڪري ويا آهن. انهيءَ سوال جو جواب تاريخ بلڪل چڱي طرح ڏيئي سگهي ٿي. انسان نيٺ بہ انسان آهي، ضعيف آهي. غلطي جو گهر آهي. ۽ ٿابو ڪائي ڪڏ يا ڪوهہ ۾ ڪري ٿو. چوندا آهن تہ ”ترِ جي گُٽي سؤ چوٽون ڪائي“ اوائلي مسلمانن اها غلطي ڪئي جو


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

حضرت علي جي مدد پوري جوش ۽ سچي طاقت سان نہ ڪيائون . هنن خيال ڪيو تہ حضرت علي رضہ جي طرف وارا بہ مسلمان آهن ۽ حضرت امير معاويہ جي طرف بہ مسلمان، پوءِ چو اهڙي خانہ جنگي ۾ حصو وٺجي. مسلمانن اها ڳالهہ وساري ڇڏي تہ امام جي پوري فرمانبرداري نہ ڪرڻ آهي اسلام ڪان خارج ٿيڻ. حضرت علي رضہ جي ناڪاميابي جو نتيجو اهو نڪتو جو چوندڙ واري خلافت هلي وئي. ۽ استبدادي (ڏاڍ واري) ۽ مورثي بادشاهي قائم ٿي وئي. پر جيڪڏهن خلافت موروثي چڱي هجي ها تہ حضرت جن ڪان پوءِ حضرت علي خليفو ٿئي ها يا حضرت ابو بڪر صديق رضہ ڪان پوءِ سندس پٽ خليفو ٿئي ها. يا حضرت عمر ڪان پوءِ سندس پٽ خليفو ٿئي ها. اڄ ڪلهہ بيوقوف ۽ نادان ماڻهو بہ چئي سگهن ٿا تہ موروثي بادشاهي سيني تباهين جو بنياد آهي.

## موروثي بادشاهي

پهريان چار خليفا چڱو بادشاهہ نہ هئا.هو مسلمانن جا امير بيشڪ هئا پر خادم بہ هئا. هو مسڪينن وانگر رهندا هئا. ڪم ڪار ڪندا هئا. تڏي تي وهندا هئا ۽ مسافرن ۽ گهرج وارن جي خدمت ڪندا هئا. هو قرآن ۽ حديث موجب حڪومت هلائيندا هئا. مگر حضرت علي ﷛ ڪان پوءِ شام جي طرف بنو اميہ زور وٺي ويا ۽ زور سان بادشاهي قائم ڪيائون. امير معاويہ ڪان پوءِ سندس پٽ يزيد بادشاهہ ٿيو. اگرچہ هو شرابي، زاني، فاسق ۽ سفاڪ هو. ائين ٿيڻو ئي نہ آهي تہ هڪڙو بادشاهہ عادل ۽ لائق هجي تہ ان جو وڏو پٽ بہ هرو ڀرو لائق ۽ عادل ٿيندو. تاريخ مان ثابت آهي تہ مسلمانن جي بادشاهي مان بہ سوين بادشاهہ بيڪار، بدڪار ۽ ظالم ٿيا ۽ مسلمانن جو خانو خراب ڪري ڇڏيائون. چوندڙ نہ ٿيڻ جو نتيجو اهو ٿيو جو جيڪي ڏاڍو سو ڳابو. هڪڙابين کي ماري بادشاهہ ٿيا. هڪڙا خود خليفا سڏيندڙ بادشاهن جي مخالف ٿي بغاوت ڪري زور سان بادشاهہ بڻجي ويٺا. هڪڙي خلافت مان گهڻيون بادشاهيون ٿي ويون. جن جي وچ ۾ دائماً جنگيون پيون لڳنديون هيون، اهڙي طرح سان مسلمانن مان اتفاق ۽ ياڻپي نڪري وئي ۽ آخر تباهي اچي وئي.

پهرين چئن خليفن جي ڏينهن ۾ مسلمانن اهڙي ترقي ڪري ڏيکاري جا سچ پچ معجزو سمجهڻ گهرجي. عرب مسڪين هئا، وٽن نہ خزانا هئا نہ تربيت يافتہ لشڪر هئا. ڪين مجبوراً ٻن زبردست سلطنتن ايران ۽ روم سان ساڱئي وقت لڙڻو پيو . تڏهن بہ ٻنهين کي شڪست ڏيئي ايران، شام ۽ مصر فتح ڪيائون. عربن نہ رڳو فتحون ڪيون پر قرآن شريف تي عمل ڪرڻ سان علمن، هنرن، واپار وغيره ۾ بہ ترقي ڪيائون. جتي بہ مسلمان ويا تہ اتي غير مسلمان سندن اعليٰ اخلاق ڏسي مسلمان ٿي پيا. مگر جڏهن خلافت راشده بدران ڏاڍائي واري ۽ موروثي بادشاهي قائم ٿي وئي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

تڏهن خرابين ۽ برباديءَ جي به شروعات ٿي ويئي.

## مسلمانن جي تاريخ

ڪي پڇندا آهن ته پهرين چئن خليفن کانپوءِ مسلمانن ترقي ڪانه ڪئي آهي ته چو؟ برابر پوءِ به ڪن حالتن ۾ مسلمانن ترقي ڪئي، پر انهيءَ جو سبب به اسلامي تعليم ئي هئي. ائين نه آهي ته چئن خليفن کان پوءِ اسلامي ڳڻ ۽ اسلامي تعليم هڪدم گم ٿي ويا. ان کانسواءِ ڪي بادشاهه پاڻ قابل هئا. مثلاً عباسي خاندان جي بادشاهن منجهان هارون الرشيد ۽ مامون الرشيد گهڻي ترقي ڪرائي، ته سندن پوين مان گهڻا ته بلڪل بيڪار ثابت ٿيا. ساڳي طرح مغل خاندان جا پهريان بادشاهه چڱيرا هئا ته پيا عياش ۽ بيڪار ثابت ٿيا.

مطلب ته اسلام کي سخت ڪاپاري ڌڪ اهو لڳو جو چوٿين واري خلافت جي بدران استبدادي ۽ موروثي بادشاهي قائم ٿي ويئي. بيڪار ۽ ظالم بادشاهن پنهنجن عملن کي جائز ٺهرائڻ لاءِ هزارين بلڪ لکين ڪوڙيون حديثيون مشهور ڪرايون. اسلام ۾ فرقا ٿي ويا. آزاديءَ جي حالت ۾ حق گوئي جي ڪري سڀ ڪنهن قسم جي ترقي ٿئي ٿي، مگر زبردست بادشاهن جي رعيت غلامي جي طوق ۾ گرفتار ٿي وڃي ٿي ۽ سچ چوڻ جي جرائت ڪري نٿي سگهي. انهيءَ غلامي ۽ ڊپ جو نتيجو اهو ٿيو جو قرآن شريف تي عمل به گهٽبو ويو بلڪ قرآن کي معنيٰ سان پڙهڻ ۽ سمجهڻ جي ضرورت به محسوس نه ڪيائون. اهو ئي سبب آهي جو اڄڪلهه غير مسلم گهڻي تعداد ۾ مسلمان ڪونه ٿا ٿين بلڪ خود مسلمانن ۾ به هزارن ۾ هڪ مسلمان مَس اهڙو ليندو جنهن قرآن شريف معنيٰ سان پڙهيو هوندو.

ڪي وري پڇندا آهن ته پلا يورپ، آمريڪا ۽ جپان ڪيئن ترقي ڪئي آهي؟ انهي جو جواب به تاريخ ۾ ملي سگهي ٿو. مسلمانن اسپين ۽ يورپ جي ٻين پاڱن ۾ ڪيترين صديون بادشاهي ڪئي. يورپ جا نوجوان مسلم يونيورسٽين ۾ تعليم وٺندا هئا. جيڪي اسلامي ڳڻ مسلمان ڦٽي ڪندا ويا، سي يورپي کڻندا ويا. علم ۽ سائنس، واپار ۽ دنيا جو سير وطن جي حب، نوان ملڪ ڳولي لهڻ، وغيره اهي ئي سڀ ڳالهيون يورپ جي ترقيءَ جو باعث ٿيون. هن وقت به انهن سڌريل ملڪن ۾ جيڪي ڳڻ آهن سي اسان ۾ ڪونه آهن، هنن ۾ سچائي، محنت، وقت جو قدر، وعده وفائي، ملڪ ۽ قوم لاءِ قربانيءَ جو مادو، نظام ۽ تنظيم اسان کان صد بار وڌيڪ آهن. اهو ئي سبب آهي جو هو هيتري ترقي ڪري ويا آهن. اڄاڻ جيڪڏهن سڀ اسلامي ڳڻ هنن ۾ موجود هجن ته وڌيڪ ترقي ڪن ۽ وڌيڪ نعمتون ماڻين. هاڻي به منجهن سچي خوشي ايتري ڪونهي جيتري اسان سمجهي رهيا آهيون. خصوصاً جنگين ته يورپ ۾ هڪڙي قسم جي قيامت ۽ وڏو عذاب آڻي ڇڏيو آهي.

## اسلام، اخوت ۽ اتفاق


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

قرآن شريف سورت الحجرات ۾ فرمايل آهي تہ سڀ مومن ڀائر آهن پوءِ پنهنجي ڀائرن جي وچ ۾ صلح ڪرايو ۽ خدا کان ڊڄو تہ من توهان تي رحم ڪيو وڃي. هڪ حديث آهن تہ سڀ مسلمان هڪ جسم آهن. جسم جي هڪ عضوي کي ايذاءُ ٿو پهچي تہ سڄو جسم ٿو ڏکي، تنهن ڪري جيڪڏهن ڪنهن بہ هڪ مسلم کي ايذاءُ هجي تہ سڀ مسلم ان سان همدردي ڪن ۽ هن جو ايذاءُ دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪن. ٻي حديث آهي تہ سڀ مسلمان پت وانگر آهن جيڪڏهن پت جي هڪ سر نڪري وڃي تہ سڄي پت کي جوکو آهي. قرآن شريف ۾ الله تعاليٰ انهن عربن کي ٿو فرمائي جي حضرت جن جي زماني ۾ مسلمان ٿيا هئا تہ الله تعاليٰ جي رسيءَ کي گڏ جي مضبوط جهليو ۽ جدائي نہ ڪريو (ٽوليون نہ ٺاهيو سڀ يڪ مشت رهو.) ياد ڪيو الله جو فضل جو ڪڏهن تہ توهان هڪ ٻئي جا جاني دشمن هئو. ۽ الله تعاليٰ اوهان جون دليون محبت ۾ ڳنڍي ڇڏيون آهن ۽ الله تعاليٰ جي فضل سان ڀائر ڀائر ٿي ويا آهيو. ٻي آيت ۾ آهي تہ ڪافرن مان نہ ٿيو جن فرقا ٺاهيا ۽ هڪ ٻئي کان جدا ٿي ويا. شوريٰ واري سورت ۾ فرمايل آهي تہ ”امرُ هُم شُوري بَينَهم“ يعني مسلمانن جا جماعتي ۽ سياسي ڪم صلاح مصلحت سان ٿيڻ گهرجن نہ ڏاڍائي ۽ زبردستي سان. مٿين آيتن ۽ حديثن مان ثابت آهي تہ سيني مسلمانن کي هڪ ڏاڪي ۾ ميلاپ ۽ اتفاق سان ڪم ڪرڻا آهن. جيڪو جدا پارٽي ٺاهيندو ۽ جماعت کان پٺي ويندو سو مسلم ناهي پر ڪافر آهي. سيني مسلمانن کي گڏ جي الله جي رسي (قرآن شريف) کي مضبوط جهلڻو آهي. هاڻي جيڪڏهن مسلمان قرآن شريف معنيٰ سان پڙهن ۽ ان تي عمل ڪن تہ ڪوبہ فرقو ڪونہ رهندو . اسان مان ڪنهن کي بہ سني يا شيعو يا حنفي يا وهابي سڏائڻ نہ گهرجي. اسان کي گهرجي تہ پاڻ کي انهيءَ ئي نالي سان سڏايون جو نالو الله تعاليٰ پاڻ اسان تي رکيو آهي. اهو آهي ”مسلم.“ هڪڙي حديث آهي تہ ”يَدُ اللهِ عَلَىَ الجماَعَتهِ“ يعني: جماعتہ تي الله تعاليٰ جو هٿ آهي. زبردستيءَ ۽ ڏاڍائيءَ واري ۽ موروثي بادشاهت ٿيڻ ڪري ۽ گهٽيون بادشاهتون نهڻ ڪري مسلمان جدا جدا ٿي ويا. اسلام جو رڳو نالو وڃي رهيو. مسلمان پست پئجي عذابن ۾ مبتلا ٿيا ۽ ڌاريان مٿن غالب پئجي ويا.

اسان جي ليڊرن جيڪو پوليٽيڪل ڪمن لاءِ نظام رکيو آهي سو بہ اونڌو آهي، يعني عمارت مٿان کان وني هيٺ ٺاهي وڃي ٿي. يعني پولٽيڪل جماعتن ۾ پهريائين شاهوڪار، زميندار وڪيل وغيره ڀهرو وٺن ٿا. هو عوام الناس جا عيوضي ٿي نٿا سگهن ڇو تہ عوام الناس نڪو هنن کي چونڊيو آهي نڪو عوام الناس کي پولٽيڪل مسئلن جي ڪا خبر آهي تہ اسان مسلمانن لاءِ الله تعاليٰ ۽ سندس رسول الله ﷺ اهڙو نظام ٺاهي ڇڏيو آهي جنهن کان بهتر ڪو ٿي ڪونہ ٿو سگهي. مگر اسان انهيءَ نظام کي بہ ڊاهي برباد ڪري ڇڏيو آهي. رڳو نالي طور موجود آهي.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

حضرت ﷺ جن جي زماني ۾ مسجد ۾ نہ رڳو نماز پڙهي ويندي هئي پر ٻيا سڀ جماعتي ڪم اُتي ٿيندا هئا. اسلام جي تعليم ۽ تبليغ بہ اُتي ٿيندي هئي. ڪيس ۽ فيصلا بہ اُتي ئي نبيريا ويندا هئا. سياسي ڪم لاءِ پارليمينٽ جي جاءِ بہ اُها ئي هئي.

جماعت سان نماز پڙهڻ تي انهيءَ لاءِ زور رکيو ويو تہ مسلمان پنج ڀيرا ڏينهن ۾ هڪ ٻئي سان گڏجن، ميل ميلاپ ۽ محبت وڌائين، هڪ ٻئي جون غلط فهميون ۽ جهيڙا فساد دور ڪري ڇڏين. تعليم ۽ صفائيءَ ۽ سڌاري جا ڪم گڏجي صلاح مصلحت سان ڪن، جمع جي نماز ۽ خطبو وري انهيءَ لاءِ مقرر ڪيا ويا تہ سڄي شهر يا ڳوٺ ڀاڳي جا مسلمان هفتي ۾ هڪ ڀيرو گڏ جي مٿيان ساڳيا ڪم ڪن. عيدن جون نمازون انهيءَ لاءِ مقرر ڪيون ويون تہ اجان بہ وڌيڪ مسلمان سال ۾ ٻہ ڀيرا هڪ هنڌ گڏ ٿين ۽ حج انهيءَ لاءِ مقرر ڪيو ويو تہ اجا بہ وڌيڪ مسلمان سال ۾ هڪ ڀيرو مڪي شريف ۾ گڏ ٿين. خطبا انهيءَ لاءِ مقرر ڪيا ويا تہ مسلمانن کي اسلام جي حڪمن جي خبر پوي ۽ ترقي ۽ سڌاري جا اُپاءَ ٻڌائجن. مگر اڄ ڪلهہ خطبا اڪثر ڪري بيڪار آهن. مسجد جا امام وڏا عالم هئڻ گهرجن، ۽ خطبا اهڙا ٻڌائڻ گهرجن جهڙا سيرت ڪميٽي ضلع لاهور وارن ڇپارايا آهن. بيتن وارا خطبا ترڪ ڪرڻ گهرجن. هندستان جي مشهور عالمن کان ٺهرائي اُهي ٻڌائڻ گهرجن. وڏي جماعت هجي تہ لائوڊ اسپيڪر ڪم آڻڻ گهرجي. مڪي شريف ۾ حج جي موقعي وارو خطبو اهڙو عاليشان هجي جو سڄي دنيا جي مسلمانن لاءِ سجاڳي ۽ سڌاري جو باعث ٿئي. اُهو خطبو دنيا جي مشهور ٻولين ۾ ترجمون ڪري سيني مسلمانن ڏي موڪلڻ گهرجي. مسجدن ۾ قرآن شريف جو معنيٰ سان ۽ اسلامي ڪتاب ۽ اسلامي اخبارون رکڻ گهرجن.

اسان جو پهريون فرض اهو آهي تہ مسجدن جي تعمير ڪيون ۽ نماز ۽ جماعت کي زور وٺايون. هر هڪ مسجد جي جماعت پاڻ مان هڪڙو امام يا پريزيڊنٽ چونڊي جو جماعت جي صلاح مصلحت سان جهيڙا، تڪرار ۽ فيصلا نبيري ۽ ٻيا سڌاري جا ڪم ڪري. سڄي تعلقہ جا امام سال ۾ هڪ ڀيرو ڪنهن هنڌ گڏجي ميٽنگ ڪن ۽ پاڻ مان ٻہ يا ٽي عيوضي ضلع جماعت لاءِ چونڊين. ضلع جماعت جا ميمبر بہ سال ۾ هڪ ڀيرو ڪنهن خاص هنڌ يا ضلع جي هيڊ ڪواٽر ۾ گڏ ٿي ميٽنگ ڪن ۽ سنڌ جماعت لاءِ عيوضي چونڊين. ساڳي طرح هندستان جي سيني پر ڳٺن جون جماعتون پنهنجا عيوضي چونڊي سڄي هندستان جي جماعت ٺاهين جنهن کي آل انڊيا مسلم ليگ جي نالي سان سڏيو وڃي. سڀ فيصلا ڪثرت راءِ يا ميجارٽي سان نبيرڻ گهرجن. جن جي راءِ مخالف هجي سي ڀلي پنهنجي راءِ ظاهر ڪن. ٻين کي پنهنجي راءِ ڏي آڻڻ جي ڪوشش ڪن مگر جدا پارٽي ٺاهي جدا ڪم ڪرڻ يا جماعت


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڪان ٻاهر وڃڻ اسلام ڪان خارج ٿيڻ جي برابر آهي. اُحد جي جنگ لڳڻ ڪان اڳ حضرت جن راءِ ورتي ته مدينه ۾ رهي بچاءُ ڪجي يا ٻاهر نڪري دشمن سان مقابلو ڪجي. پاڻ سڳورن پنهنجي راءِ جي خلاف غلبه راءِ تي عمل ڪيو. انهيءَ مان اسان کي سبق وٺڻ گهرجي ته سڀ مسلمان هڪ ئي جماعت ۾ شامل هئڻ گهرجن. هر ڪنهن کي پنهنجي راءِ ظاهر ڪرڻ جو حق آهي پوءِ ووٽ وٺي ڪثرت راءِ سيني مسلمانن کي عمل ڪرڻ گهرجي. قرآن شريف ۾ حڪم آهي ته اوهان ۾ هميشه اهڙا ماڻهو هئڻ گهرجن جي ٻين کي گناهن ڪان روڪين ۽ چڱا ڪم ڪرڻ جو حڪم ڪن. اهڙا ماڻهو اهي ئي ٿيندا جي مسجدن جي جماعت جا عيوضي هوندا. ٻي آيت سڳوري آهي ته الله تعاليٰ ۽ سندس رسول جي تابعداري ڪريو. ۽ انهيءَ امير جي تابعداري ڪريو جو اوهان مان هجي. اُهي امير ٿيندا جماعت جا پريزيڊنٽ جيڪي جماعت جي صلاح سان اسلامي حڪمن موجب ڪم هلائيندا. سيني مسلمانن کي اهڙن اميرن جي حڪم هيٺ رهڻ گهرجي. سڄي دنيا جي مسلمانن جي عيوضين کي گهرجي ته مڪي شريف ۾ حج جي موقعه تي گڏجي ميٽنگ ڪن اهو آهي، اسلامي نظام ۽ تنظيم مسلم جنهن کي وري ئاهڻ سان مسلمان قرآني حڪمن تي عمل ڪري وري ترقي ۽ خود حڪومت حاصل ڪري سگهندا.

## تبليغ

جيڪي سچا عالم آهن ۽ نيڪ عمل ڪندڙ ۽ نيڪ اخلاق آهن تن جو فرض آهي اسلام جو پيغام ۽ تعليم ۽ اسلامي احڪام سيني مسلمانن ۽ غير مسلمن جي ڪنن تائين پهچائن . اهو فطرتي قانون آهي ته جنهن شخص کي ڪنهن ڳالهه جي سچائي جو يقين هوندو آهي ۽ ان مان ڪيس مزو ۽ فائدو رسندو آهي سو بي اختيار سڀ ڪنهن سان ڳالهه ئي اها پيو ڪندو آهي. اسان جا مولوي ڳٽي ڏسو ته انهن مان ڪيترن کي قرآن شريف جي مضمونن، هدايتن ۽ حڪمن مان اهڙو مزو ٿو اچي جو بار بار قرآن شريف معنيٰ سان پڙهن ٿا ۽ جيڪي ڳالهيون ڪين وٽن ٿيون سي ٻين کي ٻڌائين ٿا. مان ٻانيان ٿو ته نه، سَوَ مان هڪ مولوي به مَسَ اهڙو ليندو. انهيءَ جو سبب هڪ ته هي آهي ته مدرسن جي تعليم رد ٿي چڪي آهي. ٻيو سبب هي آهي ته عام ماڻهن ۾ اهڙا اسلام جي ابتڙ خيال قائم ٿي چڪا آهن جو موچارن عالمن کي به جرائت نٿي ٿئي جو مسلمانن کي سچيون ۽ پوريون حقيقتون ٻڌائي سگهن. جڏهن ڪو غير مسلم اسلام اختيار ڪندو آهي ته مسلمانن کي ڏاڍي خوشي ٿيندي آهي پر خبر ناهي ته ڇو خوشي ٿيندي اٿن. جيڪڏهن انهيءَ خيال ڪان خوشي ٿي ٿئين ته اسان مسلمانن جو تعداد وڌندو ته اها خوشي بلڪل اجائي آهي. ڇو ته اسان اڳيئي 60 ڪروڙ مسلمان آهيون. مگر اسان ۾ هڪ لک مسلمانن جي طاقت به ڪانهي ڇو ته


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

اسان رڳو نالي جا مسلمان آهيون. جيڪڏهن اسان جي خوشي هن خيال کان هجي ته گمراهه خدا جو خلقيل انسان سئين راه تي آيو ۽ ٻنهي جهانن جي چڱائي ۽ سعادت نصيب ٿينديس ته پوءِ بيشڪ وڏي ۽ سچي خوشي ٿيڻ گهرجي. پر جڏهن ته اسان پاڻ ئي اسلام کان ناواقف آهيون، پاڻ ئي گمراهه آهيون، پاڻ ئي ذليل آهيون، پاڻ ئي سچا ۽ مفلس آهيون ۽ پاڻ ئي غلام ۽ مغلوب ۽ محڪوم آهيون ته پاڻ کان وڌيڪ سڌريلن کي ڪيئن ذلت ۽ غلامي جي برادري ۾ آڻي خوشي ڪري سگهون. مسلمان ڀائرو! اچو ته ڀهريائين پاڻ کي سچو مسلمان بنايون! پوءِ اِزخود ڌاريون قومون به اسان جي قرآن شريف جو اڀياس ڪنديون ۽ پنهنجي فائدي لاءِ اسان جي برادريءَ ۾ داخل ٿينديون . ڪنهن کي لالچ ڏيئي نالي طور اسلام آڻڻ جائز نه آهي. حضرت جن مسيلمه ڪذاب کي فرمايو هو ته جيڪڏهن چئين ته هيءَ ڪجيءَ جي ڪاتي مون کي ڏيو ته اسلام ۾ اچان ته اها ڪاتي به توکي ڪين ڏيندس. اي مسلمانو! ۽ غير مسلمانو! مان وڏي شوق سان ۽ دل جي همدردي ۽ خيرخواهي سان اوهان سڀني کي دعوت ٿو ڏيان ته پنهنجي چڱائي لاءِ ۽ ٻنهي جهانن جي فتحن لاءِ حضرت جن جي سوانح عمري ۽ قرآن شريف جو اڀياس ڪيو. جيڪي حڪم ۽ هدايتون اوهان کي سچيون ۽ سهٽيون ڏسڻ ۾ اچن تن تي عمل ڪري پنهنجي حالت سڌاريو.

آخر ۾ مان دولتمند مسلمانن کي استدعا ٿو ڪريان ته هنن مضمونن کي ڪتابي صورت ۾ آڻي لکين ڪاپيون ڇپارائي سنڌ جي هر هڪ گهر ۾ اسلام جو پيغام پهچائين بلڪ اڙدو ۽ انگريزي ۾ ترجمو ڪرائي سڄي هندستان ۾ شايع ڪرڻ فرمائين. هن استدعاءِ مان ناظرين مهرباني ڪري اهو خيال نه ڪن ته مان پاڻ کي اهڙو قابل ۽ نيڪ سمجهي رهيو آهيان.منهنجو دماغ بلڪل رواجي دماغ آهي. مگر سڄي حياتي رسول ﷺ جي حالات ۽ قرآن شريف جي اڀياس ۾ گذاري اٿم ۽ هاڻي به منهنجو مکيه شغل اهوئي آهي. مون کي يقين آهي ته دنيا جي ترقيءَ جو مدار قرآن شريف تي عمل ڪرڻ تي منحصر آهي. تنهنڪري بي اختيار بنا ڪنهن ذاتي غرض جي سڄي حياتي اسلام جي تبليغ ۾ صرف ڪندو رهيو آهيان. مان پنهنجي ڪتابن مان پائي به ڪانه ڪمائيندو آهيان ۽ نه ڪمائڻ جو ئي حرص اٿم. ارمان آهي ته اگرچه منهنجاڪتاب هندن ۽ مسلمانن کي پسند آهن تڏهن به انهن جي اشاعت ايتري نه ٿي آهي جيتري ٿيڻ گهرجي. منهنجا حالات نبوي، احاديث نبوي تعليمات اسلام ياڳو ڀهريون ۽ ٻيو، رسومات تباهي ۽ اخلاقي گدستو ميسرس پوڪرداس ۽ سنز وٽان ڪراچي (هاڻي سنڌيڪا اڪيڊمي جي بوڪ اسٽالن تان) ۽ حيدرآباد مان ملي سگهندا ۽ حالات نبوي ۽ اسلام ۽ ترقي ٽيئن جلدن ۾ مسٽر ويڙهي مل بڪ سيلر لاڙڪاڻي وٽان ملي سگهندا ۽ ترقي سنڌ مسلم، مسلم ادبي سوسائٽي حيدرآباد وٽان ملي سگهندو. اهي سڀ تعليم ڪاتي جا منظور ٿيل ڪتاب آهن.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

من کي گمان آهي تہ کي انگريزي دان مسلمان منهنجي مذهبي خيالن تي ٺوڪيندا هوندا. مگر اهي ٺوڪون مون تي نہ آهن پر الله ۽ الله جي رسول تي آهن. اِهي ماڻهو اسلام ڇڏي چڪا آهن مگر جرائت نٿا ڪن جو کليو کلايو مسلم سڏائڻ کان انڪار ڪن. منهنجي خيال ۾ منافقي ڪفر کان بہ خراب آهي ڇو تہ اهي منافق پاڻ کي مسلمان سڏائي سيني مسلمانن ۽ غيرمسلمانن کي اسلام کان بدظن ٿا ڪن. اي رب منهنجا! اسان سيني مسلمانن ۽ غيرمسلمانن کي سنئين راهہ تي آڻ. اسان ۾ اتفاق پيدا ڪر ۽ اسان کي پنهي جهانن جون نعمتون نصيب ڪر. **آمين.**

*(توحيد اپريل، مئي، جون، آگسٽ، آڪٽوبر 1945ع*


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# وهابيت

ڪو زمانو اهڙو هو جو گهڻا مولوي صاحب ٿوري ئي اختلاف سبب هڪ ٻئي کي ڪافر سڏيندا هئا. پوءِ جڏهن ترڪن سياسي سببن جي ڪري نجدين کي بدنام ڪرڻ جو پروپيگنڊا شروع ڪيو تڏهن "وهابي" لفظ ايجاد ڪيائون. ڇو ته نجدين جو اصلاح عبدالعزيز بن عبدالوهاب ڪيو هو. جڏهن اهو لفظ مشهور ٿيو تڏهن سنڌ ۽ هند ۾ به ٿوري گهڻي اختلاف سبب ڪافر جي بدران وهابي جو خطاب ملڻ لڳو. مشهور قصو آهي ته بهاولپور ۾ هڪڙي خود غرض مولويءَ ڪنهن هندو دڪاندار تي وهابي هئڻ جي تهمت رکي ته هن جو واپار ئي بيهي ويو.

جڏهن مون کي اسلام جو علم تمام ٿورو هو ته به اصلاحي مضمون لکڻ شروع ڪيم. تڏهن هڪڙي مضمون ۾ لکيم ته پيرن سڳورن کي حضرت رسول الله ﷺ جن ۽ اصحابن سڳورن واري سادگي ۽ مساوات جي روش اختيار ڪرڻ گهرجي، قرآن مجيد معنيٰ سان پڙهڻ گهرجي، ان تي عمل ڪرڻ گهرجي، ۽ مريدن کي به انهن عملن ڪرڻ جي تلقين ڪرڻ گهرجي، خصوصا تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ مٿن زور رکڻ گهرجي ۽ پيرم سنسا ۽ بد رسمون ڪڍي ڇڏڻ گهرجن وغيره وغيره. هڪڙي مولويءَ جمع نماز بعد ان مضمون مان به ٽي جملا پڙهي چيو ته: "ڏسو ته هي ڪهڙا نه وهابي پيرن جا منڪر پيدا ٿيا آهن." حقيقت هيءَ آهي ته ان مضمون ۾ نڪو پيرن تي حملو ڪيل هو نڪي سندن بدعملن جي اپٽار ڪيل هئي نڪا ڪا سندن مخالفت ڪيل هئي. مون ته بلڪل چڱي نيت سان کين مشورو ڏنو هو ته قوم جي اصلاح ڪن.

انهيءَ زماني ۾ حڪيم پير ارشاد الله شاهه جو هڪڙو ڪتاب پڙهيم جنهن ۾ صوفي فقيرن جي ذڪرن ۽ تصورن جو بيان ڏنل هو. مون عالمن کان پڇيو ته اهي ذڪر فڪر ڪنهن سڪاريا. عالمن هڪ ٻئي کان پڇيو تانجو اهو سوال پاٽ شريف تائين پهچي ويو ۽ اُتي جي وڏي عالم سڳوري جواب ڏنو ته اهو علي خان وهابي اٿو، انهيءَ کي ڇڏي ڏيو يعني ته انهيءَ کي جواب ئي نه ڏيو. گهڻا سال پوءِ انهيءَ تي منهنجو هڪ مضمون توحيد ۾ شايع ٿيو. تنهن تي ڪنهن عالم جواب موڪليو سو پڻ توحيد ۾ شاعري ٿيو ۽ مرحوم وفائي صاحب ان تي نوٽ هنيو ته مسٽر علي خان



سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

جو سوال آهي تہ اُهي ذڪر فڪر ڪنهن سيکاريا ۽ قرآن مجيد يا حديثن يا فقہ ۾ انهن جو ڪوبہ حوالو آهي ڇا؟ انهيءَ سوال جو جواب تہ توهان بلڪل ڪونہ ڏنو آهي.

هڪڙي پيري هڪڙي وڏي مجلس ۾ مون کان پڇيو ويو تہ وهابي ڪنهن کي ٿو ڪوٺيو وڃي؟ مون جواب ڏنو تہ سنڌ ۾ تہ انهيءَ کي وهابي چيو ٿو وڃي جو فقط حضرت رسول الله ﷺ جن ۽ اصحابن سڳورن جي طريقي ۽ تي ۽ قرآن ۽ سنت تي هلڻ چاهي ٿو ۽ بدعتن کان يعني پوءِ ٿاهيل نئين ڳالهين کان بيزاري ٿو ڏيکاري. حديث سڳوري آهي تہ ڪل بدعہ ضلال- يعني سڀ ڪا بدعت گمراهي آهي. حاضرين چيو تہ جيڪڏهن ائين آهي تہ پوءِ اهي ماڻهو تہ حق تي آهن پوءِ انهن کي ڇو ٿو وهابي ڪوٺيو وڃي. مون جواب ڏنو تہ جيڪڏهن انهن ماڻهن جا خيال قبول ڪيا ويندا تہ ملن، فقيرن مجاورن ۽ پيرن جي دڪانداريءَ ۽ عزت کي ڌڪ ٿو لڳي، تنهنڪري اهي فرقا انهن ماڻهن جي مخالفت ٿا ڪن ۽ عوام کي بہ انهن جي برخلاف ٿا ڪن. ويچارا عوام بي علم آهن تنهنڪري اُهي انهن ئي ڇئن فرقن جي دام ۾ گرفتار آهن. حقيقت هيءَ آهي تہ اسلام جي اوائلي زماني ۾ اُهي فرقا هئا ئي ڪونہ. انهن جي خيالن ۽ فتوائن کي تہ انهن ڳالهين ۾ وزن ئي ڏيڻ نہ گهرجي جيڪي سندن فائدي سان تعلق رکن ٿيون. خودغرضي انسان کي انڌو ڪندڙ آهي. ڪورٽ ۾ بہ غرض واري جي شاهدي قبول نہ پوندي آهي. ميونسپالٽين ۽ اسيمبلين ۾ بہ انهن ميمبرن جو ووٽ نہ ورتو ويندو آهي جن جو ڪنهن ڳالهہ سان ڪو ذاتي تعلق هوندو آهي.

*(توحيد- مئي 1951ع)*


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# حج، عيدالضحيٰ ۽ عاشورا

حج جي موقعي تي سڄي دنيا جا مسلمان هڪ هنڌ وچي تا گڏ ٿين. افسوس جو مسلمان انهيءَ اجتماع جو فائدو ڪونہ ٿا وٺن. ان وقت تعليمي ماهر، ديني عالم، تاجر، سائنسدان، سياسي مدبر وغيره گڏجي ڪانفرنسون ڪري گهٽائي ترقيءَ جا وسيلا پيدا ڪري سگهن ٿا. عرفات جي ميدان تي امام ڏاچيءَ تي چڙهي يا ٽڪريءَ تي چڙهي خبر ڏيندو آهي. اهو خطبو هن زماني جي ضرورتن موجب هڪ مفيد ليڪچر هئڻ گهرجي جنهن ۾ قرآن مجيد جون موزون آيتون ضرور هئڻ گهرجن. ان وقت لائوڊ اسپيڪر ڪان ڪم وٺڻ گهرجي، انهيءَ لاءِ تہ سڀ حاجي اهو خطبو ٻڌي سگهن ۽ فيض وٺن. انهيءَ خطبي جون ڇپيل ڪاپيون هر هڪ ملڪ جا حاجي پاڻ سان کڻي وڃن ۽ ترجمون ڪرائي اخبارن ۾ ڇپارائين.

قرباني حضرت ابراهيمؑ حضرت اسماعيل جي قربانيءَ جو يادگار آهي تنهنڪري عيدالاضيٰ جي خطبي ۾ حضرت اسماعيل جو ذڪر پنهنجي مادري زبان ۾ ٻڌائڻ گهرجي ۽ نصيحت ڪرڻ گهرجي تہ هر هڪ مسلمان کي خدا جي راهہ ۾ مسلمان ڀائرن لاءِ ۽ قوم لاءِ هر حال ۾ خود قربانيون ڪرڻ گهرجن.

افسوس جو اڄ ڪلهہ جو خطبو هڪ بي معنيٰ رسمي خطبو ٿي رهيو آهي. اڪثر ڪري خطبا عربيءَ ۾ پڙهيا ٿا وڃن جي نڪي پڙهندڙ ٿو سمجهي نڪي ٻڌندڙ ٿا سمجهن. گهڻو ڪري سنڌي شعر ۾ بہ خطبا پڙهيا وڃن ٿا، پر شعر ۾ گهڻو ڪري مبالغو ۽ افراط تفريط هوندو آهي. سنڌي جا خطبا اڪثر ڪري نيم خوانده مولوين جا ٺهيل هوندا آهن جيڪي اٽلندو گمراهہ ڪندڙ آهن. وڏن عالمن کي گهرجي تہ پنهنجي مادري زبان ۾ وقت جي ضرورتن موافق نثر ۾ خطبا ڇپارائين ۽ مسجدن جي امامن کي اهي ئي ڪم آڻڻ گهرجن. مون ٻڌو آهي تہ علامہ مودودي جا خطبا سنڌي ۾ ڇپايل آهن. جيڪڏهن ايئن آهي تہ اهي جمع ۽ عيدن جي خطبن لاءِ ڪم آڻڻ گهرجي. مون کي يقين آهي تہ اُهي خطبا چڱا هوندا. علامہ مودودي بابت مونکي رڳو هي ارمان آهي تہ هو زميندار ۽ سرمائيداري جي فائدي ۾ ڪتاب لکي ٿو. کيس ضرور معلوم هوندو تہ عوام سان زميندار ۽ ڪامورا جيڪي ظلم ڪري رهيا آهن، سي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ پاڳي پائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

تباهہ ڪندڙ آهن. ڪيس استدعا آهن تہ پنهنجي علم ۽ قلم جو زور عوام جي اصلاح ۽ ترقي لاءِ ڪم آڻي.

عاشورن جي موقع تي جنهن نموني ۾ حضرت حسين رضي الله عنه جي شهادت جو ٻارهو ملهايو وڃي ٿو سيني مسلمانن لاءِ شرم جو باعث هئڻ گهرجي. انهيءَ موقعي تي ڪروڙين روپيا هر سال برباد ڪيا وڃن ٿا. اڪثر ڪري عاشورن ملهائڻ جو انتظام مڪانن جي موالين، چڪلي جي رنڍين ۽ ڪن اوباش ماڻهن جي هٿ ۾ آهي ۽ گهٽيون ئي حيا سوز اخلاقي بگاڙي جون حرڪتون ڪيون وينديون آهن. پٽڪو ڪرڻ ۽ سينو ڪٽڻ ڪان حضرت رسول صلي الله عليه وسلم منع فرمائي. ان موقع ڪي ماتم سڏيو وڃي ٿو پر عوام لاءِ وڏو خوشيءَ جو ڏينهن ۽ ميلو بڻجي وڃي ٿو. ٻهراڙي جامسلمان چڱا ڪپڙپائي وڏن ڳوٺن ۽ شهرن ڏي تابوت ۽ جلوس ڏسڻ ويندا آهن ۽ حلوا ۽ جليبيون ڪائيندا آهن. پر عجب هيءُ تہ ڏهين محرم ڪي ماتم جو ڏينهن چوٿو سمجهيو وڃي. هر هڪ مومن مسلمان ڪي حق جي راهہ ۾ شهادت حاصل ڪرڻ جو شوق هئڻ گهرجي. حضرت امام حسين رضي الله عنه خوشيءَ سان حق جي راهہ ۾ سر ڏنو، ۽ الله تعاليٰ وٽ وڏو درجو حاصل ڪيو. اُهو ڏينهن اسان مسلمانن لاءِ فخر جو ڏينهن آهي. انهيءَ ڏينهن بنا سيج تابوت ۽ سينن ڪٽڻ جي هڪ شاندار جلوس ڪڍڻ گهرجي. ڪي مناسب نعرا تختين تي لکي بلند ڪرڻ گهرجن ۽ جلوس جي ختم ٿيڻ واري جاءِ تي اعليٰ درجي جا ليڪچر ڀڏائڻ گهرجن. خاص طرح اها نصيحت ڏيڻ گهرجي تہ هر زماني ۽ هر ملڪ ۾ هاڻي بہ يزيد ۽فرعون موجود آهن. انهن جو مقابلو ڪري خدائي حڪومت قائم ڪرڻ گهرجي جيئن ڪوبہ شاهوڪار يا زبردست ماڻهو، ڪو بہ زميندار يا ڪامورو ڪنهن تي بہ حڪومت يا زور نہ هلائي. ڪابہ بي انصافي نہ ڪري، بلڪ عوام جي ۽ مسڪينن جي بي لوث خدمت ڪري ۽ قوم جي ڀلي لاءِ خود قربانيون ڪري. حق چوڻ ۽ ظلم جي مقابلي ڪرڻ ۾ جيڪي تڪليفون درپيش اچن سي صبر سان سهجن، بلڪ حضرت امام حسين وانگر سر بہ حق جي لاءِ قربان ڪري ڇڏجي.

عاشورن بابت مٿي موالين ۽ رنڍين جو ذڪر بہ ضمناً اچي ويو آهي. حقيقت ۾ اوتارا ۽ چڪلا بہ اسان مسلمانن لاءِ باعث ننگ آهن. مسجدون ويران ٿي ويون آهن ۽ موالين جا اوتارا، زميندارن جون اوطاقون ۽ عياش ماڻهن جا ڪلب آباد ٿي ويا آهن. ترڪي ۾ مرحوم مصطفيٰ ڪمال پاشا قلم جي هڪ نوڪ سان سڀ اوتارا ڊهرائي ڇڏيا. اسان جي اسلامي حڪومت ڪي بہ اسلامي ۽ اصلاحي ڪم ڪرڻ گهرجي. پر گورنمينٽ تڏهن اهڙا ڪم ڪندي جڏهن اسان اهڙن ماڻهن ڪي ووٽ ڏيون جي قرآن مجيد معنيٰ سان پڙهندڙ هجن ۽ ان تي عمل ڪندڙ هجن.

*(توحيد- آڪٽوبر 1952ع)*


www.sindhsalamat.com
سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# آزادي ۽ غلامي

آزاديءَ جهڙي نعمت ڪانهي ۽ غلاميءَ جهڙي ذلت ڪانهي ڇو ته آزادي سيني نعمتن جو بنياد آهي ۽ غلامي سيني مصيبتن ۽ تباهين جي پاڙ آهي. اسان خدا جي فضل سان انگريزن جي غلاميءَ  کان آزاد ٿيا آهيون جن نه رڳو اسان جي ملڪ جي دولت پنهنجي ملڪ ۾ پهچائي پر اسان جو اسلام ۽ اخلاق بگاڙي اسان ۾ سيني خرابين جو ٻج ڇٽي ويا. هن وقت اسان آزاد آهيون ڇا؟ ڌارين جي غلامي کان ڇوٽڪاري پائڻ ۽ پنهنجن جي غلامي ڪرڻ آزادي بلڪل ناهي. انگريزن جي زماني ۾ جيڪا ٿوري گهڻي  آزادي هئي تنهن جي ڏهين پتي جيتري آزادي به هاڻي ڪانهي. انگريز عملدار اڄوڪن عملدارن جي پيٽ ۾ ايتري قدر انتظام ۽ انصاف قائم ڪيو هو جو ڪي ماڻهن ائين به چوندا هئا ته واه ڙي انگريز! ٻڪري ۽ شينهن هڪ هنڌ بيهاري ڇڏيا اٿس. هن وقت اهڙي حالت آهي جو اڪثر ڪري هر هڪ فرد فرعون آهي ۽ ٻين کي پنهنجي  تابع رکڻ چاهي ٿو ۽ هر هڪ فرد غلام آهي جو ڪنهن فائدي لاءِ يا ڪنهن تڪليف کان بچڻ لاءِ ٻين جي غلامي ڪري ٿو. يعني هر هڪ انسان يا فرعون آهي يا شيطان جو ٻانهو آهي يا ٻئي ڪنهن انسان جو غلام آهي يا ڪن لاءِ غلام آهي ته ڪن لاءِ فرعون آهي. مگر اسلام جو بنياد آهي لا الٰہ الا اللہ. يعني انسان کي فقط خدا جو ٻانهو ٿيڻو آهي. تنهنڪري ڪنهن فرعون کي يا ڪنهن غلام کي مسلم چوڻ ئي غلط آهي.

سچي ۽ ڪامل آزادي حضرت محمد ﷺ ۽ پهرين چئن خليفن جي ڏينهن ۾ ماڻي ويئي. هر هڪ مسلم کي فقط اللہ تعاليٰ جي حڪمن ۽ قانون جي پيروي ڪرڻي هئي. ڪوبه مسلم ٻئي ڪنهن به انسان کان نه ڊڄندو هو، ۽ نه ڪنهن جي غلامي ڪيندو هو. خود حضرت جن جڏهن اسلام جي بيعت وٺندا هئا تڏهن هڪڙو شرط هي هوندو هو ته مان سڀ ڪنهن انصاف واري ۽ چڱي ڪم ۾ حضرت جن جي فرمانبرداري ڪندس. اهو شرط نه هوندو هو ته سڀ ڪنهن ڳالهه ۾ حضرت جن جي فرمانبرداري ڪندس. هڪڙي پيري حضرت جن ڪنهن مسلم عورت کي سندس مڙس بابت ڪا سفارش ڪئي. عورت پڇيو ته شرعي حڪم ٿا ڏيو يا ذاتي سفارش ٿا


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

ڪريو. پاڻ فرمايائون تہ ذاتي سفارش ٿو ڪريان. انهيءَ عورت چيو تہ مان انڪار ٿي ڪريان. حضور جن کي ڪجهہ بہ غصو نہ آيو ۽ مائي ماٺ ڪيو هلي ويئي. هڪڙي ڀيري هڪ شريف خاندان جي عورت فاطمہ ڪان چوريءَ جو قصور ٿيو. وڏن وڏن اصحابن معافيءَ جي سفارش ڪئي. حضرت جن جو چهرو مبارڪ لعل ٿي ويو ۽ فرمايائون تہ ڇا توهان خدا جي حڪمن ۾ دخل ٿا ڏيو. قسم آهي الله پاڪ جو تہ جيڪڏهن منهنجي نياڻي فاطمہ رضي الله عنها اهو قصور ڪري ها تہ بہ مان خدائي مقرر ڪيل سزا ڏيان ها. اهي بہ مثال ان وقت جي آزادي ۽ انصاف لاءِ ڪافي آهن. جڏهن حضرت ابوبڪر رضہ خليفو ٿيو تڏهن پهرئين ئي خطبي ۾ حڪم ڪيائين تہ جيڪڏهن مان قرآني حڪمن جي خلاف وڃان تہ مونکي خلافت تان لاهي ڇڏجو. حضرت عمر پنهنجي خلافت جي زماني ۾ هڪڙي ڀيري خطبي ۾ پڇيو تہ جيڪڏهن مان ڪنهن قرآني حڪم جي خلاف وڃان تہ ڇا ڪندؤ؟ هڪڙي شخص اُٿي چيو تہ توکي هن تلوار سان قتل ڪندس. حضرت عمر رضہ ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ڪيس آفرين ڏنائين.

افسوس جو خلفاءِ راشدين ڪان پوءِ موروثي ۽ استبدادي بادشاهي قائم ٿي ويئي. جنهن ڪري فرعونيت ۽ غلامي جي ذهنيت پيدا ٿي ۽ اسلامي خود داري، مساوات ۽ ڀائپي گم ٿي ويئي. ڏارين جي حڪومت هيڪاري وڌيڪ بگاڙو پيدا ڪيو.

هن وقت سنڌ ۾ جيڪا آزادي ۽ انصاف آهي سو ڪنهن ڪان بہ ڳجهو ناهي. ٻهراڙيءَ جي ڳوٺن ۾ امن امان بلڪل ڪونهي. عزت، مال ملڪيت ۽ جان جي سلامتي بلڪل ڪانهي. گهڻن ئي چورن کي زميندارن ۽ پوليس عملدارن وٽان چورين ڪرڻ لاءِ پڪو ليسن مليل آهي. ڪنهن کي بہ مجال ناهي جو انهن کي پڪڙائي سگهي. جيڪڏهن هو چوري ڪندي اتفاقن پڪڙجي پون تہ بہ ڪنهن تي مجال ناهي جو پوليس ۾ رڳو رپورٽ ڪري سگهي. جيڪڏهن ڪو مت جو موڙهو ڪٽي رپورٽ بہ ڪري تہ پوليس ۽ زميندار گڏجي هنن کي ڇڏائي ڇڏين ۽ ويچاري رپورٽ ڪندڙ جو جهڳو جهڻ ڪري ڇڏين. زميندار ۽ ڪامورا ٻهراڙي جي ڪڙمين ۽ پورهيتن تي هر طرح بنا خوف خطري ظلم ٿا ڪن. هو وڏا فرعون ٿي پيا آهن ۽ ويچارا هاري ۽ پورهيت مجبور، ذليل ۽ غلام ٿي پيا آهن. وزير صاحب پنهنجي لالچن ۽ فائدن جي لاءِ ظالم زميندارن ۽ ڪامورن جا مددگار آهن، تنهنڪري هو نڪي رشوت، رسائي ۽ ظلم بند ڪرڻ جا خواهان آهن نڪي امن امان قائم ڪرڻ جو اونو اٿن. هو ملڪ ۽ قوم جا، سنڌ ۽ پاڪستان جا پورا پورا دشمن آهن. اخبارن جا ايڊيٽر بہ اڪثر ڪري پنهنجي لالچ ۽ فائدن واسطي وزيرن ۽ ڪامورن ۽ زميندارن جا طرفدار آهن. جيڪڏهن ڪو ايڊيٽر يا ليڊر قوم جو سچو خيرخواهہ آهي ۽ وزير ۽ زميندارن جي ڪرتوتن کي اگهاڙو ڪري ٿو تہ پوءِ هن کي پاڪستان جو دشمن ڄاڻائي سيفٽي ائڪٽ يا فرنٽيئر ائڪٽ جو شڪار بڻايو وڃي ٿو. اها آهي اسان جي ملڪ ۾ لبرٽي ۽


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

آزادي. ڪنهن بہ سڌريل ملڪ ۾ اهڙا ائڪٽ ڪونهن جن جي وسيلي بنا ڪيس هلائڻ جي ماڻهن کي جيل ۾ رکيو وڃي. جيڪڏهن اهڙا ائڪٽ هوندا آهن تہ بہ انهن کي فقط ڏاڙيلن ۽ باغين جي خلاف ڪم آڻبو آهي ۽ نہ انهن لاءِ جي وزيرن ۽ حاڪمن جي ڪرتوتن تي نڪتہ چيني ڪن.

هيءَ ڳالهہ ياد رکڻ گهرجي تہ جيڪي خرابيون اسان جي ملڪ ۾ آهن تن لاءِ خود پبلڪ بہ جوابدار آهي. مثلا رشوت وٺڻ گناهہ آهي تہ رشوت ڏيڻ بہ وڏو گناهہ ۽ ڏوهہ آهي. اسان ۾ اهڙا ليڊر پيدا ڪونہ ٿيا آهن جيڪي عوام کي سجاڳ ڪن، ۽ عوام جي لاءِ خود قربانيون ڪن.اهڙن سچن ليڊرن ۽ مظلومن کي گهرجي تہ بهادري سان ظالمن ۽ رشوتخورن جو مقابلو ڪن ۽ تڪليفن لاءِ جيلن ۾ وڃڻ لاءِ تيار رهن، بلڪ شهادت حاصل ڪرڻ لاءِ شائق ٿين. پوءِ حق جي فتح ٿيندي ۽ ظلم نڪري ويندو.

*(توحيد- جنوري1951ع)*


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# فرعونيت ۽ غلامي

لا الہ الا الله جو مختصر مطلب آهي تہ الله کانسواءِ ڪوبہ معبود ڪونهي جنهن جي عبادت يعني غلامي ۽ ٻانهپ ڪجي. عبادت جي معنيٰ رڳو نماز پڙهڻ نہ پر الله جي سڀني حڪمن جي پيروي ڪرڻ ڪي عبادت ٿو سڏجي. اهي حڪم ڪهڙا آهن؟ انهيءَ سوال جو جواب آهي محمد رسول الله ﷺ جن تي جيڪو ڪتاب قرآن مجيد نازل ٿيو تنهن ۾ ڏنل سڀني حڪمن جي پيروي ڪرڻ هر مسلمان تي فرض آهي. انهيءَ ڪري هر مسلمان ڪي قرآن مجيد معنيٰ سان ضرور پڙهڻ گهرجي يا ڪم از ڪم ٻين جي واتان ٻڌڻ گهرجي، ان ڪي سمجهڻ گهرجي، ان تي غور ۽ فڪر ڪرڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ گهرجي. هن وقت اسان مسلمان ڪيتري قدر ائين ڪيون ٿا ۽ اسان ڪيتري قدر سچا مومن يا مسلمان آهيون تنهن بابت هتي ڪجهہ بہ نٿو لکجي.

جيڪي ماڻهو نفساني خواهشن تي لڳي خدا جي حڪمن جي خلاف عمل ڪن ٿا سي حقيقتاً شيطان جي عبادت ياٻانهپ ڪن ٿا، يا پنهنجي حرص هوائن جي بتن جي پوڄا ڪن ٿا. ساڳيءَ طرح جيڪي ماڻهو لالچ ڪان يا ڊپ ڪان ڪنهن بہ ٻئي ماڻهوءَ جا حڪم مثلاً پيرن فقيرن، ملن مجاورن، زميندارن ڪامورن وغيره جا حڪم الله جي حڪمن خلاف مڃن ٿا سي حقيقت ۾ انهن جي عبادت ٿا ڪن نہ الله جي. قرآن شريف ۾ بار بار چٽو فرمايل آهي تہ رزاق رزق ڏيندڙ فقط الله آهي، پوءِ ڇو اسان الله تي ايمان ۽ ڀروسو ڇڏي ٻين ۾ اميد ۽ لالچ ٿا رکون يا ڪائن ڊڄون ٿا ۽ ڪين دعوتون نذرانہ وغيره ڏيون ٿا سو يا تہ هن لاءِ تہ هو اسان ڪي پنهنجي ڪرامت سان يا دعا ۽ تعويذن سان اسان جون مرادون پوريون ڪري سگهن ٿا يا هن لاءِ تہ متان اسان ڪي پٽ پاراتو ڏئي ڪو نقصان رسائي وجهن. پر حقيقت هي آهي جا قرآن مجيد ۾ بار بار چٽيءَ طرح ڏنل آهي تہ انهن ڳالهين ۾ خود پيغمبرن کي بہ ڪو اختيار ڪونهي، الله تعاليٰ پاڻ سڀ ڪجهہ ڄاڻي ٿو ۽ پاڻ ئي سڀ ڪجهہ ڪري ٿو. الله تعاليٰ جون طاقتون دنيائي بادشاهن وانگر محدود ناهن جو پنهنجا ڪم ٻين ماڻهن جي حوالي ڪري ڇڏي يا سندن سفارشن جو محتاج رهي.

الله تعاليٰ غني آهي يعني ڪنهن ڳالهہ لاءِ ڪنهن جو بہ محتاج ناهي. هن ڪي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

اسان جي عبادت مان ڪو فائدو ڪونهي. مگر اسان ڪي جيڪي حڪم قرآن مجيد ۾ ڏنا اٿس تن جي پيروي ڪرڻ ۾ اسان جو ئي فائدو آهي. اُهي حڪم اهڙا ته اعليٰ ۽ مفيد آهن جو اسان جيڪڏهن انهن تي عمل ڪيون ته اسان لاءِ هيءَ دنيا ئي بهشت بڻجي پوي. اسان انسانن کي به غني ٿيڻ گهرجي يعني ڪنهن ۾ به ڪا لالچ رکڻ نه گهرجي. ڪنهن جي به ڪاڻ ۽ غلامي ڪڍڻ نه گهرجي.

پنهنجي پيرن تي بيهڻ گهرجي، پنهنجي ڪمائيءَ تي گذران ڪرڻ گهرجي. اٽلندو ٻين جي مدد ڪرڻ گهرجي. هڪ ٻئي جي مدد ڪرڻ، خصوصاً مسڪينن ۽ گهر وارن جي مدد ڪرڻ هر هڪ وسعت ۽ طاقت رکندڙ تي فرض آهي پر خدا ڪارڻ، نه ڪنهن انسان تي ٿورو ٽڪڻ يا مطيع بنائڻ لاءِ .ٻين کي علم به بنا لالچ جي سيکارڻ گهرجي.

جيڪو به انسان پير فقير، ملان مجاور، زميندار ڪامورو وغيره زبردستيءَ سان يا چالاڪيءَ سان يا مڪرن ۽ فريبن جي وسيلي ٻين کي مطيع ڪري پنهنجا فائدا ٿو ڪڍي سو فرعون آهي. پاڻ کي عملاً خدا ٿو ڪوئائي ۽ پنهنجي عبادت ٿو ڪرائي. جيڪو خدا جي بندن کي پنهنجو بندو ٿو بنائي سو مسلمان ڪيئن چئي سگهبو؟ ۽ جيڪو به انسان لالچ ڪان ياڊپ ڪان ٻين جي غلامي ٿو ڪري سو خدا کي ڇڏي انهن جي عبادت ٿو ڪري. اهي ٻئي فرقا لااِلٰہ الا الله جا منڪر آهن.

قرآن مجيد ۾ فرمايل آهي ته اي انسانو مون اوهان کي هڪ مرد ۽ هڪ عورت مان پيدا ڪيو آهي. پوءِ اوهان کي قبيلن ۽ قومن ۾ ورهايم سو فقط سڃاڻپ لاءِ. ( ورنه عزت جي باري ۾ ته ) الله وٽ انهيءَ جي عزت وڏيڪ آهي جو اوهان ۾ تقويٰ ۾ زياده آهي. اڄ ڪلهه عزت انهيءَ کي ڏني وڃي ٿي جيڪو دولت ۾ وڏيڪ آهي يا ظاهري طور ايڏي طاقت اٿس جو ٻين کي نقصان پهچائي سگهي ٿو. تقويٰ وارواهو آهي جيڪو پنهنجي دولت ۽ طاقت ۽ علم ٻين کي فائدي پهچائڻ لاءِ ڪم آڻي نه ٻين تي ظلم ڪرڻ لاءِ. تقويٰ وارو اهو آهي جيڪو ٻين کي پاڻ کان گهٽ نه سمجهي. جيڪو ٻين کي گهٽ ٿوسمجهي سو بهشت جي بوءِ به نه سگهندو.

هن وقت اسان جي هيءَ حالت آهي ذري گهٽ هر هڪ انسان ٻين جو غلام يا عبد يا عبادت ڪندڙ آهي. جيڪي فرعون آهن سي به ڪن ٻين فرعونن جي غلامي ڪن ٿا ۽ جيڪي غلام آهن سي به ڪنهن نه ڪنهن مسڪين تي فرعونيت هلائين ٿا. اسلامي مساوات، سادگي ۽ انصاف اڄ ڪلهه بلڪل ڪونهي. پيرن فقيرن، ملن مجاورن، ڪامورن ۽ زميندارن ۾ اها اميد رکڻ ته پنهنجا ظاهري فائدا ڇڏي پنهنجا عمل سڌاريندا بلڪل عبث آهي. پر ارمان انهن مظلومن تي آهي جيڪي ظلم، مصيبتون،بيماريون ۽ تنگيون سهڻ لاءِ تيار آهن، مگر پنهنجي فائدي لاءِ ٻين جي غلامي ڇڏي خدا جي غلامي قبول ڪرڻ لاءِ تيار ناهن. جيڪڏهن هو ٻين جي غلامي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ پاڳي پائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

ڦٽي ڪن ۽ تڪليفن هوندي بہ خدا جي حڪمن جي تعميل ڪن تہ پوءِ خدا سندن طرفدار ٿيندو ۽ ڪين ظالمن کان نجات ڏيئي دنيا ۽ آخرت ۾ خوش رکندو.

في الحال اسان جي سامهون وڏي ۾ وڏو سوال آهي چونڊن جو. اسان کي اُهي ماڻهو حڪومت هلائڻ لاءِ چونڊڻ گهرجن جيڪي علم، اخلاقن ۽ عوام جي خيرخواهيءَ ۾ ٻين کان بهتر هجن. اهڙن ماڻهن کي ووٽ ڏيڻ نہ گهرجي جيڪي زاني، شرابي رشوت خور ڀنگَ وٺندڙ، چورن ۽ ڌاڙيلن جا يار هجن. جيڪڏهن اسان في الحال انهيءَ ڪم کي ڪٽون تہ پوءِ اسلام کي وري زنده ڪرڻ ۽ اسلامي حڪومت ۽ انصاف قائم ڪرڻ ۾ دير ئي ڪانہ لڳندي.

*(توحيد- جولاءِ 1951ع)*


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

# اسلام آهي اتحاد ۽ نظام

اسلام جي تعريف هي ڪلمہ آهي تہ الله ڪانسواءِ ڪوبہ معبود ڪونهي، ۽ حضرت محمد ﷺ سندس موڪليل يا پيغام پهچائيندڙ آهي. عبادت جي معنيٰ رڳو نماز ناهي. الله تعاليٰ جي سيني حڪمن جي پيروي ڪي عبادت ٿو چئجي. تنهنڪري ان ڪلمہ جو مطلب هي ٿيو تہ فقط الله تعاليٰ جي ٻانهپ ڪجي نہ شيطان جي يا پنهنجي حرصن جي يا پيرن فقيرن ۽زبردست ظالمن جي. هي حڪم الله تعاليٰ جا اسان ڪي سندس رسول ﷺ جي معرفت پهتل آهن جيڪي قرآن شريف ۽ صحيح حديثن مثلاً صحيح بخاري ۾ موجود آهن. سيني مسلمانن ڪي گهرجي تہ قرآن شريف معنيٰ سان پڙهن ۽ هن مضمون جي پڙهندڙن ڪي استدعا آهي تہ سيني مسلمانن ڪي هي هدايت ڪن تہ قرآن شريف معنيٰ وارو آڻايو ۽ هر روز ان ڪي معنيٰ سان پڙهو.

اسلام جون توصيفون تہ گهڻيون ئي آهن پر انهن مان فقط ڪي مکيہ توصيفون ڏجن ٿيون:

(1) تسليم يعني خدا جي قانونن ۽ حڪم جي پوري پوري فرمانبرداري.

(2) صلح، سلامتي ۽ امن امان نہ جهيڙا ۽ فساد.

(3) ذات انسان خصوصاً سيني مسلمانن لاءِ خير خواهي، همدردي ۽ محبت، نہ ٻين سان دشمنيون ۽ ٻين جا نقصان ڪرڻ.

(4) ايمان ۽ چڱا عمل ڪرڻ.

(5) علم ۽ نيڪ اخلاق.

(6) مالي ۽ اخلاقي ترقي.

(7) اتحاد ۽ نظام.

هنن مان پوئين توصيف سيني ڪان وڌيڪ ضروري آهي، ڇو تہ ان ڪانسواءِ اسلام جي عمارت بيهي نٿي سگهي، ۽ ان ڪانسواءِ ڪابہ ترقي بلڪل محال آهي. تنهنڪري مان هن مضمون ۾ فقط اتحاد ۽ نظام بابت ڪجھ لکڻ گهران ٿو.

الله تعاليٰ جي توحيد يعني هيڪڙائي جو لازمي نتيجو آهي سيني انسانن جي وحدت يعني ايڪو، ٻڌي ۽ اتفاق. قرآن شريف ۾ فرمايل آهي تہ سڀ انسان هڪ امت


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

آهن. هڪ هنڌ فرمايل آهي ته اي انسانو مون اوهان کي هڪ ئي نفس مان ناهيو ۽ ذاتين ۽ قبيلن ۾ فقط سڃاڻپ لاءِ رهايو. اوهان ۾ وڏيڪ عزت وارو اُهو آهي جنهنجا عمل چڱا آهن. افسوس هي آهي ته اُهو ئي اسلام جيڪو سڀني انسانن کي هڪ ڪرڻ لاءِ هڪ ڌاڳي ۾ ٻڌڻ لاءِ آيو، تنهن اسلام جا پيروي ڪندڙ خود پاڻ ئي هڪ ٻئي کان جدا ٿي ويا. جدائي جو نتيجو هي ٿيو اهي ساڳيا مسلمان جي علم، هنر، دولت ۽ حڪومت هٿ ڪري سڄي دنيا تي غالب پيا سي جُدا ٿيڻ بعد وري جاهل، سڃا ۽ غلام ٿي ذليل ۽ تباه ٿي ويا. اهڙي حالت ٿيڻ ڪانپوءِ به مسلمانن جي اجا اک نٿي کُلي.

هندستان کان ٻاهر مسلمانن ۾ گهٽي قدر سجاڳي ۽ ترقي شروع ٿي ويئي آهي. مگر هندستان جا نَوَ ڪروڙ مسلمان "ڇُڙ ڇُڙ ڳابا" هئڻ ڪري ترقي ڪرڻ بدران هر طرح جون مصيبتون ڏسي رهيا آهن. اسان ۾ اتحاد نه هئڻ جو وڏو سبب هي آهي جو اسان اصلوڪي اسلام (قرآن شريف) کي ڦٽي ڪري پنهنجو پنهنجو مذهب ٺاهي مختلف فرقا بنائي هڪ ٻئي سان وڙهي هڪ ٻئي کي ناس ڪري رهيا آهيون. الله تعاليٰ اسان کي مسلمان جو لقب ڏنو مگر اسان پاڻکي شافعي ۽ مالڪي، حنبلي ۽ حنفي، شيعا، سني مقلد ۽ غير مقلد صوفي ۽ قلندري وغيره وغيره سڏائي ۽ جدا مسجدون ۽ جدا امام مقرر ڪري اسلام جي شيرازه کي بگاڙي ڊاهي ڇڏيو آهي. نه رڳو اسان فرقا ٺاهيا آهن، پر اسان ٻين فرقن وارن کي گمراه، فاسق بلڪ ڪافر ۽ مرتد ڄاڻيو وينا آهيون. اسان اها ڳالهه وساري ڇڏي آهي ته هر ڪو ڪلمه گو مسلمان آهي. جيڪڏهن اسان سڀ هڪ الله، هڪ رسول ۽ هڪ ڪتاب جا پيروڪار آهيون ته ڇو نه ٿا هڪ ٻئي کي مسلمان ڪري سمجهون. جيڪڏهن فروعي ڳالهين ۾ اختلاف ٿيو ته ڪهڙي ڳالهه آهي. قرآن شريف ۾ الله تعاليٰ رسول الله ﷺ کي ٿو فرمائي ته تون يهودي ۽ ڪرستانن کي چَوُ ته اچو ته هڪ ڳالهه تي اتفاق ڪيون جا توهان ۾ ۽ اسان ۾ عام آهي. اُها آهي ته خدا سان ڪنهن کي به شريڪ نه ڪيون. هاڻي جڏهن ڪرستانن سان هڪ ڳالهه تي اتفاق ڪرڻ جو حڪم آهي ته پوءِ اسان لاءِ شرم آهي جو اسان پاڻ ۾ ئي اتفاق نٿا ڪيون. جنهن کي به قرآن شريف ۾ پورو ايمان آهي، سو پڪو مسلمان آهي. اسان کي گهرجي ته فقط مسلمان سڏايون جيڪو لقب اسان کي الله تعاليٰ ڏنو آهي نه شيعا سني وغيره جي لقب سان جيڪي پاڻ اسان پاڻ ٺاهيا آهن. ائين بيشڪ آهي ته جهل جي ڪري اسان ۾ خراب عقيدا، بدعتون ۽ بدرسمون رواج ۾ اچي ويون آهن. پر ان جو علاج فقط هي آهي ته اسان وري به قرآن شريف ڏي رجوع ٿيون. اسان سڀئي جيڪر قرآن شريف معنيٰ سان پڙهون ۽ بحث مباحثا ڦٽي ڪري هڪ ٻئي سان ملي وڃون ۽ فقط مسلمان سڏايون ته فرقا سڀ ڊهي ويندا. الله تعاليٰ قرآن شريف ۾ ٿو فرمائي ته سڀئي ملي الله جي رَسي يعني قرآن شريف کي مضبوط جهليو ۽ فرقا ٺاهي جُدا نه ٿيو. ٻئي هنڌ فرمايل آهي ته ڪافرن منجهان نه ٿيو جن دين کي ٽڪرا


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ٽڪرا ڪري فرقا ٺاهيا. هن مان ثابت آهي ته جيڪي ماڻهو فرقو ٺاهي ٻين کان جُدا ٿين ٿا سي ڪافر آهن نعوذبا لله منها. قرآن شريف ۾ ائين به فرمايل آهي ته سڀ مؤمن ڀائر آهن. حضرت جن جاقول آهن ته سڀ مسلمان هڪ پٽ وانگر آهن ۽ سڀ مسلمان هڪ جسم وانگر آهن پر اڄوڪا مسلمان هڪ ٻئي جا ڀائر يا خيرخواه ٿيڻ بدران هڪ ٻئي جا دشمن ٿي پيا آهن. هڪ ٻئي جو چڪين ماس ٿا کائين ۽ هڪ ٻئي تي ظلم ڪري هڪ ٻئي کي ۽ سڄي قوم کي تباه ۽ برباد ٿا ڪن. اهي ظالم ڪيتري قدر مسلمان آهن تنهنجو پاڻ فيصلو ڪن. جيڪي ٻين جا دشمن آهن سي پنهنجا دشمن آهن. الله ۽ الله جي رسول جا دشمن آهن ۽ الله ۽ الله جو رسول به سندن دشمن آهن.

مسلمانو! خبردار ٿيو ايڪو ڪريو ، مسلمان ٿيو، ڪافر نه ٿيو، ۽ پاڻ کي دنيا ۽ آخرت جي تباهيءَ کان بچايو.

هاڻي سوال آهي ته ايڪو ڪئين ٿئي. ان جو هڪ جواب ته متي ڏنل آهي ته اسان سيني کي گهرجي ته قرآن شريف معنيٰ سان پڙهون، مذهبي جهڳڙا ۽ فرقا ڦٽي ڪيون، پاڻي کي ۽ ٻين کي فقط مسلمان سڏيون؛ پر ٻي ضروري ڳالهه هيءَ آهي ته اسان پاڻ کي هڪ نظام هيٺ آڻيون. نظام ڪانسواءِ ڪجهه به ٿي نٿو سگهي. ڏسو ته جيڪڏهن گهر جا ڀاتي گهرجي پرئي مڙس جي فرمانبرداري نه ڪن ته گهرڪيئن هلي ۽ ڳوٺ جا ماڻهو ڪنهن وڏيري جي ضابطي هيٺ نه اچن ته خرابيون ٿي پون ۽ جيڪڏهن ملڪ ۾ حاڪم يا بادشاهه نه هجي ته پوءِ ته ڏينگو ئي ڏيري. اسلام انهيءَ اسلام نظام تي ايترو زور ڏنو آهي جو گويا اسلام آهي ئي نظام. قرآن شريف ۾ آهي ته الله تعاليٰ جي اطاعت (تابعداري) ڪيو ۽ الله جي رسول ﷺ ۽ امير جي اطاعت ڪيو جيڪو اوهان منجهان هجي. حضرت محمد ﷺ کان پوءِ حضرت ابوبڪر ۽ حضرت عمر وغيره مسلمانن جا امير ٿيا ۽انهن وري علائقن ۾ حاڪم يا امام مقرر ڪيا جن جي اطاعت ڪئي ويئي، ۽ انهيءَ نظام ۽ اطاعت جي ڪري مسلمان ترقي ڪندا ويا. فقط هي شرط آهي ته امير اسلام تي پورو هجي ۽ قرآن ۽ حديث موجب حڪومت هلائي ۽ فيصلا ڪري ۽ ٻين نيڪ ۽ زبردست عالمن سان مشوره (صلاح مصلحت) ڪري. اوائلي زماني ۾ اسلام جا خليفا ۽ سندن حاڪم ئي مسلمانن کي نظام هيٺ رکندا آيا. اُهي وڏا عالم ۽ نيڪ عامل هئا. دين به اُهي ئي سڪاريندا هئا. مسجدن جا امام به پاڻ هوندا هئا ۽ زڪوات به پاڻ اڳاڙي ان جي خرچ ڪرڻ جو بندو بست ڪندا هئا. هو پاڻ کي حاڪم نه سڏيندا هئا. پر خدا جا ٻانها ۽ خلق جا خادم هوندا هئا. يزيد کان وٺي سچي خلافت هلي ويئي فقط بادشاهه ٿيا. بادشاهه جي طاقت غير محدود هئي ۽ بادشاهي موروثي ٿي پئي. بادشاهن ۽ سندن مقرر ڪيل حاڪمن مسجدن جي امامت ڪرڻ ڦٽي ڪئي انهيءَ ڪري اسلامي نظام



سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

بگڙندو ويو. تنهن هوندي بہ جيستائين مسلمان بادشاهہ هئا ۽ آهن تيستائين سچو اسلامي نظام ڪين ئي رکڻ گهربو هو ۽ رکڻ گهرجي. مگر هن وقت هندستان ۾ اسان انگريز سرڪار جي ماتحت آهيون تنهن صورت ۾ اسلامي نظام اسانکي ئي رکڻو آهي ۽ ضروري رکڻ گهرجي ورنہ اسان جو اسلام رڳو نالي جو اسلام آهي. اسلام اسان کي هو نئن ئي نظام هيٺ آڻي ڇڏيو آهي. مگر ان نظام کي اسان پنهنجي جاهلائي جي ڪري بيڪار بڻائي ڇڏيو آهي. ٻيون قومن ڪلب ٺيون ڪين ۽ انجمنون ۽ ايسوسيئيشنون قائم ٿيون ڪن مگر اسلام اڳئي هڪ ڪامل ترين ايسوسيئيشن آهي. اسان جا ڪلب اسان جون مسجدون آهن. مسجدن ۾ پنج وقت اسان ميٽنگ ٿاڪيون. ۽ هڪ امام جي زيردستي ۾ فرض ادا ٿا ڪيون. ستين ڏينهن وري هڪ وڏي ميٽنگ جامع مسجد ۾ ڪيون ٿا ۽ سال ۾ بہ ڀيرا عيدن جي موقعي تي وري انهيءَ ڪان بہ وڏيون ميٽنگون ٿين ٿيون ۽ سڄي دنيا جي مسلمانن جي ميٽنگ سال ۾ هڪ ڀيرو حج جي موقعي تي مڪي شريف ۾ منعقد ٿئي ٿي. مون اڳئي چيو آهي تہ اوائلي زماني ۾ مسجدن جا امام حاڪم هوندا هئا ۽ اسلام هو ئي سيڪاريندا هئا. هاڻي بہ اسان کي انهيءَ اصول تي اسلامي نظام کي زور وٺائي ترقي ڪرڻ گهرجي.

مسجد جو امام اهو مقرر ڪرڻ گهرجي جيڪو علم، عقل ۾ سڀني ڪان بهتر هجي. هو ڪنهن جو محتاج يا نوڪر نہ هجي. هو قوم جو خيرخواهہ جان نثار ۽ خادم هجي ۽ ڪابہ لالچ رکندڙ نہ هجي اڄ ڪلهہ جا امام ٻين جا محتاج آهن تنهنڪري هوبي ڊپائي سان حق گوئي ڪري نٿا سگهن. مگر جيڪڏ هن اسان چڱو ۽ غني امام رکون ۽ هر طرح ان جي اطاعت ڪيون ۽ قرآن شريف جو هي اهم ۽ ضروري حڪم تہ پنهنجي امير جي اطاعت ڪيو، بجاآڻيون تہ پوءِ هيءَ اسان جي نظام جي پهرين ڪڙي ٿيندي. جيڪڏهن امام قابل يا طاقت وارو نہ هجي تڏهن تہ بلڪل ضرور ڪجهہ بااثر هجي. تہ بہ بهتر آهي تہ امام سان ٻيا ٽي چار چونڊيل ماڻهو بہ شامل ڪجن جن جي صلاح مصلحت ۽ مدد سان امام ڪاروبار هلائي. سڄي تعلقي جا امام وري ٽئين ٽئين مهيني يا ڇهين ڇهين مهيني بعد هيڊ ڪوارٽر ۾ گڏ ٿي ميٽنگ ڪن ۽ پاڻ مان هڪ يا ٽي چار قابل ۽ لائق امام چونڊين جيڪي سڄي تعلقي جو نظام رکن. اهڙي طرح تعلقن جا چونڊيل امام وري ضلع جو امام يا ٽي چار لائق امام چونڊين ۽ اُهي وري گڏجي "جمعيت اامان سنڌ" جي حيثيت ۾ سڄي سنڌ جي امامن کي پنهنجي حڪم ۽ هدايتن هيٺ هلائين. ساڳئي طرح "جمعيت امامان هند" هئڻ گهرجي ۽ دنيا جي سڀني ملڪن جي چونڊيل امامن جي ميٽنگ وري حج جي موقعي تي مڪي شريف ۾ ٿئي.

اهڙي نظام قائم ڪرڻ ۾ وڏي مشڪلات آهي، ڪن هاڻوڪن امامن ۽ ڪن جاهل پيرن جي مخالفت ٿيندي مگر دنيا ۾ ڪوبہ چڱو ۽ اصلاح وارو ڪم اهڙو


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڪونهي جنهن جي مخالفت نہ ٿيندي. مگر سڀ ڪم سياڻپ ۽ مصلحت سان ڪبو ۽ صبر ۽ استقلال ڪان ڪم وٺبو تہ الله تعاليٰ ضرور ڪاميابي نصيب ڪندو. پر شرط هي آهي تہ جيڪو هي ڪم شروع ڪري سو پنهنجو غرض نہ رکي، ٻين جي خدمت ڪندڙ هجي. ۽ هٿ وڏائي ڪانہ هجيس ۽ جيڪو اڳئي امام هجي تنهن جي مخالفت نہ ڪري پر ان کي شامل ڪري ۽ ڪيس صلاح ڪار ۽ مدد گار ڏيئي ان مجهان ئي ڪم ڪڍي جيستائين ڪو بهتر امام مقرر ڪرڻ جو موقعو ملي. جيڪڏهن ڪٿي ڪو پير هجي تہ ان پير کي ئي عرَض ڪجي تہ ان اصلاحي ڪم جو باني پاڻ ٿئي جيڪڏهن باني نہ ٿئي تہ گهٽ ۾ گهٽ همدردي ڪري. همدردي ۽ مدد گاري نہ ڪري تہ گهٽ ۾ گهٽ مخالفت تہ نہ ڪري. ڪيس اڪيلائي ۾ سمجهائجي تہ مسلمانن جي اصلاح ۽ نظام جي مخالفت ڪرڻ اسلام ۽ الله تعاليٰ جي مخالفت ڪرڻ آهي جيڪڏهن توهان مخالفت ڪندؤ تہ ان مر توهان کي دنيائي نقصان بہ رسندو ڇو تہ ماڻهن ۾ سجاڳي ضرور ٿيڻي آهي پوءِ توهان جو وقار هليو ويندو. جيڪڏهن پوءِ بہ پير صاحب باز نہ اچي تہ خدا تي توڪل رکي ٻين ماڻهن ۾ پروپيگنڊا شروع ڪري ڏجي ۽ جيتري قدر ماڻهن ۾ سجاڳي ۽ ايڪو ۽ طاقت پيدا ٿئي اوتري قدر ڪم شروع ڪري ڏجي.

اهڙي ڪم ۾ ٻي مشڪلات ٿيندي ڪن..... زميندارن جي مخالفت. زميندار ۽ وڏيرا هن وقت اسان تي حڪومت هلائي رهيا آهن پوءِ کي چڱا آهن تہ ڪي ظالم بہ آهن. اهي ڪڏهن ڪين چاهيندا تہ حڪومت تي زور سندن هٿن مان نڪري ٻين جي هٿ ۾ اچي. انهن وڏيرن ۽ زميندارن کي ساڳي طرح عرض ڪجي جيئن پيرن کي، يعني وڏيري کي ئي ان ڪم جو بانيڪار ڪجي تہ حڪومت وري بہ سندس ئي هٿ ۾ رهي فقط هي شرط هجن تہ هو اسلام تي هلي، مسلمانن جو خيرخواهہ ۽ همدرد ٿئي ۽ ڳوٺ جي ڪن نيڪ ماڻهن جي صلاح سان ڪم هلائي. ان ۾ وڏيري جو شان ہيٺو تي پوندو ۽ هن جا ديني ۽ دنيوي امور ازخود سنوارجي ويندا.

مٿئين رٿ مان ڏسبو تہ امام ۽ ميمبرن جي چونڊ ڪرڻي آهي. چونڊ جو ڪم نهايت ئي نازڪ ۽ مشڪل آهي. چاڪرڻ گهرجي. سيني ڳوٺ جي ماڻهن کي مسجد ۾ ڪٺ ڪري قسم ڪڻائجي تہ اسان اهڙن ماڻهن کي ووٽ ڏينداسين جي اسان ۾ وڏيڪ لائق آهن ۽ ٻيو هي وعدو قسم تي وٺڻ گهرجي تہ جيڪي امام ۽ ميمبر ڳهٽن ووٽن تي مقرر ٿيندا انهن جي اطاعت اسان سڀ ڪنداسين توڙي اسان جي نظر ۾ اُهي لائق نہ هجن ۽ توڙي هنن جا فيصلا اسان جي راءِ جي مخالف هُجن. ٻي ضروري ڳالهہ آهي تہ ووٽ مخفي هئڻ گهرجن جيئن ڪنهن کي بہ خبر نہ پوي تہ ڪنهن ڪنهن کي ووٽ ڏنو.

بهرحال هي ڪم سولو ناهي نهايت مشڪل آهي. پر انهيءَ جو اهو مطلب ناهي تہ اهو ڪم اڻ ٿيڻ جهڙو آهي. انسانن لاءِ بيشڪ ظاهر طور اڻ ٿيڻ جهڙو پيو ڏسجي.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

پر هي ڪم الله تعاليٰ جو پنهنجو آهي ۽ الله تعاليٰ ئي ان کي پورو ڪندو. بشرطيڪ اسان ان ڪم کي بنا خود غرضي جي نماڻائي سان ۽ صبر ۽ استقلال سان لڳي وڃون. آهي ڪو سنڌ ۾ اهڙو خدا جو بندو جو سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ ۾ گشت ڪري اسلامي نظام قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري جنهن ڪانسواءِ اطاعت امير جي اهم فرض جي بجاآوري بلڪ اطاعت الله ۽ رسول ڪانه ٿي ٿئي.

ياد رکڻ گهرجي ته جيڪو به مسلمان پوءِ وڏيرو يا پير هجي اسلامي نظام جي مخالفت ڪندو ۽ چونڊيل امير جي اطاعت ڪرڻ کان انڪار ڪندو سو شريعت موجب شايد ڪافر آهي. بغاوت ڪندڙ باغي آهي ۽ واجب القتل آهي. فقط هي ڳالهه آهي ته انگريزن جي بادشاهي اندر اهڙي سزا اسان ڏيئي نٿا سگهون.

*(توحيد مارچ 1939ع)*


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# غير مسلمانن کي دعوت

عجب آهي تہ دنيوي ڳالھين ۾ سائنس ۽ رياضي جي نتيجن بابت سڄي دنيا متفق ۽ يڪراءِ ٿيندي ٿي وڃي. مگر مذهب بابت اهڙا تعصب جا ڪوپا اکين تي چڙهي ٿا وڃن جو حق کي ڏسي نٿو سگهجي. ان لاءِ سبب گهڻا آهن پر هڪڙو سبب هي بہ آهي تہ ملن، پادرين ۽ پنڊتين وغيره پنهنجي پنهنجي مذهب جي اصلي صورت اهڙي بگاڙي ڇڏي آهي جو اڄوڪي زماني جا ماڻهو انهن بگڙيل مذهبن کي رد ڪرڻ ۾ حق تي آهن. هو هرگز اهي بگڙيل ڳالهيون عقل ۽ ضمير جي برخلاف اختيار ڪري نٿا سگهن انهيءَ ڪري سڀ تعليم يافتہ سواءِ ڪن ٿورن جي مذهب کي ڪوڙن وهمن ۽ بيسود رسمن جو مجموعو سمجهي رهيا آهن. اسان جي مُلن، پيرن، درويشن ۽ نيم خواندهہ مولوين بہ اهوئي ڪم ڪيو آهي جو اصل اسلام جي تصوير بگاڙي بد زيب ڪري ڇڏيو اٿن، مگر بفضل خدا قرآن شريف انهيءَ ئي صورت ۾ موجود آهي جنهن صورت ۾ رسول الله ﷺ جن جي زبان مبارڪ مان نڪتو.

اي پيارا غير مسلمانو! توهان مهرباني ڪري اسان جي بگڙيل ۽ ذليل حالت ڏي نہ ڏسو. توهان فقط اصل قرآن شريف هٿ ۾ ڪٽي ان جي تعليم تي غور ۽ فڪر ڪريو. ۽ جيڪا تعليم توهان کي ذات انسان جي ترقي لاءِ چڱي ۽ ڪارگر نظر اچي سا اختيار ڪريو! مان توهان کي مسلمان ٿيڻ جي دعوت ڪونہ ٿوڏيان. مان ٻين وانگر رڳو نالو اختيار ڪرڻ کي ڪجھ بہ نٿو سمجهان. مان فقط چاهيان ٿو تہ مسلمان خواهہ غير مسلمان چڱي راهہ اختيار ڪري ان تي عمل ڪري ترقي ڪن. هي جو هڪ ٻين جي مذهبن تي حملا ڪيا ٿا وڃن ۽ غلطيون ڪڍيون ٿيون وڃن. خيال ڪيو ٿو وڃي تہ هندو مسلمان ٿيندا تہ هندن جي طاقت گهٽجي ويندي ۽ مسلمان هندو ٿيندا تہ مسلمانن جي طاقت ويندي هلي، اهي خيال ۽ عمل بلڪل واهيات ۽ غلط ۽ نقصانڪار آهن. انهن مان تعصب ۽ دشمني وڌي ٿي. فساد ۽ خونريزيون ٿين ٿيون ۽ حق کي لڪايو ٿو وڃي. پنهنجي قومن کي گمراهہ ڪيو ٿو وڃي ۽ ترقي جي بدران تنزل ۽ بربادي ٿي اچي.

گهڻن تعليم يافتہ ماڻهن جو خيال آهي تہ مذهب سڀ ڪوڙا آهن ۽ مذهب جو


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

ترقيءَ سان ڪو بہ واسطو ڪونهي. حقيقت ۾ ڏسبو ۽ تاريخ تي غور ڪبو تہ ڪنهن بہ قوم تڏهن ئي ترقي ڪئي آهي، جڏهن ان ۾ مذهبي بيداري تي آهي. اهو غلط خيال آهي. عمل تڏهن پيدا ٿيو آهي جڏهن مذهب فقط ڪوڙن وهمن ۽ بي سود رسمن جو مجموعو وجي رهيا آهن. حقيقت ۾ مذهب اُهي دائمي حقائق ۽ اصول ۽ قانون سيکاري ٿو. جن تي عمل ڪرڻ سان انفرادي خواه قومي ترقي حاصل ٿئي ٿي. دين جو مکيہ ڪم آهي ڏيکارڻ تہ ماڻهن کي انفرادي ۽ قومي زندگي ڪيئن گذارڻ گهرجي. ڪهڙا اخلاق ۽ عمل اختيار ڪرڻ گهرجن ۽ ڪهڙا نہ ڪرڻ گهرجن. دين اخلاقي، روحاني، پنگتي ۽ سياسي اصول ۽ قانون ٿو سيکاري. مثلاً دين شاديءَ جو اصول ٿو سيکاري نہ زنا جو. سچ ۽ ايمانداري ٿو سيکاري نہ ڪوڙ نڳي. ٻين سان ڀلائي ڪرڻ ٿو سيکاري نہ ظلم ڪرڻ. توهان چوندا تہ اهڙا اصول اسان هوئين ئي ڄاڻون ٿا مذهب جو ان سان ڪهڙو واسطو، ائين هرگز ناهي: اهي ۽ اهڙيون ٻيون ڳالهيون پهريائين مذهب سيکاريون ۽ بلڪل چڱي طرح سان سيکاري ٿو جون نوع اجا تائين بہ وڏن وڏن فيلسوفن کي بہ نٿو اچي.ازانسواءِ ٻيون سوين ڳالهيون آهن جن بابت خود فيلسوفن کي بہ پورو اعتبار ڪونهي. مثلاً سٽا هٽڻ وياج وٺڻ، شراب، جوا، زنا ۽ وڏوائون نہ پرٽائڻ وغيره وغيره جا نقصان ڪيترائي تعليم يافتہ هاڻي بہ پوري طرح محسوس ڪري نہ سگهن. تعليم يافتہ ماڻهن جي ذهن ۾ هي بہ خيال ويٺل آهي تہ ڪابہ تعليم سيني ملڪن لاءِ يا سيني زمانن لاءِ ڪارگر تي نٿي سگهي. ائين هرگز نہ آهي. خدا جا قانون اڻ ٽر ۽ دائمي طور سچا آهن. انسان جي فطرت سيني ملڪن ۽ سيني زمانن ۾ ساڳي آهي. دين جا قانون ۽ اصول فقط اهي ئي سيکاريل آهن جي انسان جي فطرت موافق آهن اهوئي سبب آهن جو شيڪسپيئر شاعر جا مضمون سيني ملڪن ۽ سيني زمانن ۾ پسند پوندا آيا آهن ۽ پوندا ايندا، اگرچہ انهن ۾ غلطيون بہ آهن، مگر اللّٰه تعاليٰ جو فطرت جو خالق ۽ مالڪ آهي سو ڪابہ غلطي ڪري نٿو سگهي.

مان توهان کي اها دعوت ڪانہ ٿو ڏيان تہ مسلمان ٿيو. منهنجي خالص نيت هيءَ آهي تہ مسلمان خواه غير مسلمان قرآن شريف جو مطالعو ڪري ان جي چڱين تعليمات تي عمل ڪري ترقي ڪن. تنهنڪري توهان کي عرض هي آهي تہ توهان قرآن شريف پڙهو. ان تي غور ۽ فڪر ڪريو ۽ قومن جون تاريخون پڙهي نتيجا ڪڍو تہ جن ترقي ڪئي تن ڪهڙن اصولن تي عمل ڪري ترقي ڪئي ۽ جن کي زوال آيو تن کي ڪهڙن بداعمالن ۽ اوڻاين جي ڪري زوال آيو. پوءِ توهان چڱي طرح فيصلو ڪري سگهندؤ تہ قرآن شريف جون ڪهڙيون تعليمات ترقيءَ لاءِ ڪارگر آهن. پوءِ توهان اسلام ۾ داخل ٿيو يانہ ٿيو، اسلام کي سچو سمجهو، مسلمانن سان وڙهو يا صلح ڪريو. ان جو مون کي خيال ڪونهي. مون کي فقط اهو خيال آهي تہ هر ڪا قوم دل ۽ دماغ سان غور ۽ فڪر ڪري چڱي راه اختيار ڪري ترقي ڪري ۽ بس!!



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

مون کي يقين آهي ته جيڪڏهن تعصب ڦٽي ڪري غور ۽ فڪر ۽ تاريخي علم کان ڪم وٺجي ته مذهبي اصولن ۽ قانونن بابت ذري گهٽ اوتروئي اتفاق ۽ يڪرائي ٿي وڃي. جيتري سائنس تي ٿي آهي. مان هاڻي تمام ٿورڙن لفظن ۾ اسلام جي سطحي صورت پيش ٿو ڪريان. اسلام جي تعليم کي ٽن ڀاڱن ۾ ٿو وراهيان:- (1) ايمانات (2) عبادات (3) دنيائي زندگي جا قانون: هدايتون ۽ عمل ۽ اخلاق روحاني، اخلاقي پنگتي سياسي وغيره،

ايمانات بابت اسلام جو مکيه اصول آهي توحيد، معنيٰ هڪ الله تعاليٰ کانسواءِ ڪنهن جي به پرستش نه ڪرڻ ۽ ڪنهن جي به غلامي نه ڪرڻ. توحيد جو لازمي نتيجو آهي اتحاد، اتفاق ۽ صلح. جڏهن اسان سڀني جو هڪ ئي رب العٰلمين آهي ته اسان سڀ ڀائر آهيون، اسان کي ضروري هڪ ٻئي جو خيرخواهه ۽ مددگار ٿيڻو آهي. جيئن قوم جا فرد بداخلاق آهن ۽ هڪ ٻئي سان وڙهن ٿا ته سڀني جي بربادي ٿي ٿئي، تيئن دنيا جون قومون به جيڪڏهن هڪ ٻئي سان وڙهن ٿيون ۽ هڪٻئي تي ظلم ڪن ٿيون ته سڀني اهڙين قومن بلڪ سڄي دنيا لاءِ خرابي ۽ ترقي بدران تنزل ٿو اچي.

ٻيو اسان جو ايمان آهي ته الله تعاليٰ سڀني ملڪن ۽ سڀني وقتن ۾ پنهنجا رسول موڪليا جن اسان کي سنئي راهه سيڪاري ترقي ڪرائي. اسان جي اعتقاد موجب خالي ايمان بلڪل بيڪار آهي. ايمان آهي عمل، عمل کان سواءِ ايمان ائين آهي جيئن ميوي کان سواءِ درخت. سو فقط الله ۾ ايمان آڻڻ ڪهڙي ڪم جو آهي. جيڪڏهن اسان سندس قانونن ۽ حڪمن تي عمل نه ڪيون، اُهي قانون ۽ حڪم جڏهن الله تعاليٰ ڪونه ٿوڏسي ۽ ٻڌائي ۽ ڏيکاري ته پوءِ ڪيس خالي مڃڻ مان ڪهڙو فائدو. تنهن ڪري اسان جو ايمان آهي ته هن پنهنجا پيغمبر موڪليا اسان کي پنهنجن حڪمن ۽ قانونن کان واقف ڪيو. الله تي ايمان آڻن آهي سندس حڪمن ۽ قانونن جي پيروي ڪرڻ اهوئي سبب آهي جو اسان الله تعاليٰ تي ايمان آڻڻ سان گڏ سندس رسولن ۽ قانوني ڪتابن تي به ايمان ٿا آڻيون. جهڙي طرح اسان نه رڳو سرڪار کي ٿا مڃون پر سندس عملدارن ۽ قانونن کي به ٿا مڃون. اسان جو ٿيون مکيه ايمان آهي ته اسان انهن حڪمن ۽ قانونن تي عمل ڪنداسين ته انعام پائينداسين ۽ هن دنيا توڙي ٻي دنيا ۾ سعادت حاصل ڪنداسين ۽ جيڪڏهن عمل نه ڪنداسين ته سزا پائينداسين ۽ هت توڙي ٻي دنيا ۾ عذاب لهنداسين يعني چڱن عملن جو نتيجو به چڱو آهي ۽ بڇڙن جو بڇڙو. ساڳي طرح سرڪاري قانونن تي عمل ٿا ڪريون ته سرڪار فائدا ٿي ڏئي، نٿا ڪريون ته سزا ٿي ڏئي. اهو آهي اسان جو ايمان جيڪڏهن توهان کي ساڳيو ايمان رکڻ پسند نٿو اچي ته توهان جي مرضي.

عبادات بابت اسلام جا مکيه رڪن آهن. (1) نماز (2)روزو (3)زڪواة ۽ حج.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

اهي بہ انسان جي روحاني پاڪيزگي ۽ دنيائي ترقي ۽ سعادت لاءِ رٿيل آهن نہ خالي ڏيکاوءَ لاءِ- اسان مسلمان جيڪڏهن علم سان انهن تي عمل ڪيون ها ۽ اهڙي طرح عمل ڪريون ها جيئن قرآن شريف ۾ سيکاريل آهي تہ اسان جو تنزل ڪونہ اچي ها. جيڪا ترقي اوائلي مسلمانن ڪئي تنهن ڪان بہ وڌيڪ ترقي ڪندا وڃون ها. انهن جي فائدن جو بيان لکجي تہ هر هڪ تي ڪتاب ٺهي وڃي. نماز صفائي سنائي، وقت جي پابندي، استقلال، پاڻ تي ضابطو رکڻ ،دل جي پاڪيزگي ۽ خدا ۽ خدا جي قانونن ڏي رجوع ٿيڻ تي سيکاري. جيئن نوڪر پنهنجي سائين جو سلام ڪندو آهي. پاڻ کي حڪم جو بندو ۽ پنهنجي سائين کي پاڻ تي اختيار وارو سمجهي حڪم احڪام وٺي پوءِ وڃي انهن تي عمل ڪندو آهي، تيئن اسان بہ پنج دفعا ڏينهن ۾خدا جي حضور ۾ حاضر ٿي عجز ۽ نياز ڏيکاري حڪم احڪام وٺي پوءِ انهن جي پيروي ٿا ڪريون. جيئن سلام ۽خالي خوشامد ڪري پوءِ ڪوبہ خاوند جو ڪم نہ ڪري تہ خاوند هن کي لت هڻي ڪڍي ڇڏيندو. تيئن ڪوبہ مسلمان جيڪڏهن خالي نماز پڙهي ۽ جيڪي منجهس پڙهجي ٿو تنهن تي عمل نہ ڪري تہ هو بہ الله تعاليٰ وٽان تڙيل رهندو .تفاوت فقط هي آهي تہ آقا کي پنهنجي نوڪر جي ڪم جو احتياج آهي، مگر الله تعاليٰ بي نياز آهي. سندس جيڪي حڪم آهن تن تي عمل ڪرڻ ۾ اسان جو ئي فائدو ۽ اسان جي ئي ترقي آهي. حقيقتاً الله تعاليٰ جي عبادت اُها آهي جا نماز کان پوءِ ڪجي ۽ دنيا ۾ سندس هدايتن موجب عمل ڪري پنهنجي ۽ ٻين جي ڀلائي ۽ ترقي تي ڪجي. ساڳي طرح روزا بہ استقلال ۽ پاڻ تي ضابطو رکڻ پرهيزگاري وغيره ٿا سيکارن. زڪواة قومي ڪمن ۾ قومي ترقي لاءِ مقرر ڪيل آهي. حج هڪ عالمگير ڪانفرنس آهي جنهن جي فائدن جي بيان لاءِ دفتر گهرجن.

توهان غيرمسلمان ڀائرن کي هي چارئي عبادات نٿا وڻن تہ نہ وڻن، مون کي ان جو ڪو خيال ڪونهي. باقي اسلام جو ٽيون ڀاڱو جو سيکاري ٿو تہ دنيا ۾ ڪيئن گذارجي تنهن تي پوري طرح غورنہ ڪيو تنهن جو سخت ارمان ٿو ٿئي. ڇو تہ اهي سوال اهڙا آهن جن تي علم ۽ تاريخ جي وسيلي گهڻي قدر قطعي فيصلو ڪري سگهجي ٿو تہ انهن قانونن ۽ هدايتن تي علم ڪرڻ سان ڪامل ترقي ڪري ٿي سگهجي يانہ ۽ هن ڪري بہ سخت ارمان ٿو ٿئي جو انهن تي آساني سان بنا مسلمان ٿيڻ جي پنهنجي ئي مذهب ۾ رهي بہ عمل ڪري ٿا سگهون. تنهنڪري مان وري بہ استدعا ٿو ڪريان تہ مهرباني ڪري اسلام جي هن قسم جي تعليمات تي غور ۽ فڪر ڪريو ۽ جيڪي تعليمات توهان کي وڻن تن تي عمل ڪري ترقي ڪريو!!

*(ماهوار”توحيد“ ڪراچي مارچ 1935)*


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

# پيرءِ سندن ڪرامتون

اڄوڪي زماني ۾ ڪي ماڻهو پيرن جا منڪر ٿي پيا آهن. ڪي چون ته پير نه آهن پر پيڙ آهن، ڪي چون ته ڇورون آهن، جيڪي ماڻهن جو رت چوسينديون وتن. ڪي چون ته ماڻهن کي جاهل رکي کين بي دين ۽ ڪافر ڪيو ڇڏين ۽ ڪي وري چون ته پير وڏي ۾ وڏا ڌاڙيل آهن ۽ خبر نه آهي ته ڇو سڌريل سرڪار رواجي ڌاڙيلن کي ته جيل ۾ ٿي رکي باقي وڏن مڪار نڳباز ڌاڙيلن کي ڇوٽ ڇڏي ٿي ڏئي ته پلي غارت ڪندا وتن ۽ ماڻهن کي جاهل، بيڪار، بلڪ گمراه به ڪندا وتن. اهڙن خيالن پيدا ٿيڻ لاءِ ڪافي سبب به آهن، پر ائين نه ٿيڻ گهرجي جو بيڪار ۽ بدڪار پيرن سان گڏ چڱن بزرگن جي به توهين ٿئي. تنهنڪري اسان کي سَنَدَ ۽ دليل سان ۽ ٿڌي دل سان هن سوال تي غور ڪري فيصلو ڪرڻ گهرجي. مان عالم ڪين آهيان مگر پنهنجي ٿوري علم آهر ڪي خيال پيش ٿو ڪريان، پوءِ وڏن علم وارن جو فرض آهي ته فيصلو ڪرڻ فرمائين. ڪي پير سڳورا فرمائين ٿا ته اُهي شخص جي پيرن کي ۽ ولين کي ۽ ڪرامتن کي نٿا مڃن سي وهابي آهن. هاڻي سوال آهي ته پير، ولي ۽ ڪرامت ڇاکي ٿو چئجي؟ ۽ اوائلي مسلمانن جي زماني جي ڇا حالت هئي؟ ڏسجي ٿو ته اوائلي زماني ۾ اهڙو پتوئي ڪونه ٿو لڳي ته ڪوائين چيو ويندو هو ته فلاڻو پير آهي، ولي آهي، صاحب ڪرامت آهي. پهتل آهي، واصل بالله آهي، وغيره وغيره. پير جو لفظ عربي ۾ آهي ئي ڪو نه. پارسي زبان ۾ پير چئبو آهي، پوڙهي ٻڍڙي کي. اڄوڪي زماني جي پيري مريدي ۽ نذر نياز جو رواج به اوائلي زماني ۾ بلڪل ڪونه هو مرشد وٺڻ جو رواج به شايد پوءِ ايران ۾ پيو جڏهن تصوف جي آڙ ۾ ڪي نوان طريقا جاري ٿيا. اوائلي زماني ۾ بيعت فقط خليفة المسلمين اميرالمؤمنين جي ڪئي ويندي هئي جو مسلمانن جي ڳله باني ڪندو هو ۽ مسلمانن کي اسلام سيکارڻ ۽ هلائڻ جو انتظام رکندو هو. قرآن مجيد ۾ اولياء الله تعاليٰ جا دوست انهن کي سڏيو ويو آهي جي ايمان ٿا آڻن ۽ چڱا عمل ٿا ڪن. ائين ڪٿي به قرآن يا حديث ۾ ڪونه آيل آهي ته اوليا اهي آهن جي ڪرامتون خرق عادت ۽ ڪرشما ڪري ڏيکارين يا ماڻهن کي دعا سان پٽ وٺي ٿا ڏين يا ماڻهن ۾ حال وجهي ٿا ڏيکارين، خرق عادت جا ڪرشما يا حال وجهڻ ته رواجي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

يوڳي، جادوگر ۽ مسميريزمر چاٽندڙ به ڪري تا ڏيکارين. سچي ڪرامت ۽ معجزا بلڪل ورلي ظهور ۾ تا اچن. جي الله تعاليٰ جا ڪم آهن نه ڪنهن انسان جا. اُهي انسانن جي سڌاري لاءِ ظهور ۾ تا اچن نه ماڻهن کي پُٽَ ڏيڻ واسطي، نه مريدن هٿ ڪرڻ ۽ نذر نياز حاصل ڪرڻ واسطي. خود پيغبرن کي به طاقت نه آهي، جو پنهنجي پاران ڪو ڪرشمه ڪري ڏيکارين. حضرت موسيٰ عليه السلام جڏهن الله تعاليٰ جي حڪم موجب لٺ کي اڇليو ۽ نانگ ٿي پئي تڏهن ڊڄي پوئتي هٽڻ لڳو. الله تعاليٰ کيس فرمايو ته ڊڄ نه. هن مان ئي ڏسي سگهبو ته حضرت موسيٰ اهو معجزو پاڻ ته ڪونه ڪري ڏيکاريو پر اٽلندو، ڏسي ڊڄي ويو ۽ پڇڻ لڳو.

اڄوڪي زماني جا پير پاڻ کي اوليا، الله ۽ ڪرامت جا صاحب سڏائين تا يانه؟ ماڻهو ڪين پيرين تا پون تنهن تي خوش ٿين تا يانه؟ جيڪڏهن ڪو ڪين پيرين نٿو پوي يا ساڻن گڏ ٿو وهي ته رنج ٿين تا يانه؟ جيڪڏهن ماڻهو سندن تعظيم لاءِ اُٿي بيهن ته ڪين خوشي ٿئي ٿي يانه؟ اهي سوال هر ڪوئي پاڻ کان پڇي. حضرت عمر رضي الله عنه ۽ امام اعظم رحمة الله عليه بابت مشهور آهي ته هو خدا جي غضب ۽ آخرت جي عذاب کان ايتري قدر ڊڄندا هئا جو فرمائيندا هئا ته جنت ته ٺهي پر الله تعاليٰ رڳو عذاب مان اسان کي ڇوٽڪارو ڏئي ته بيو چا گهرجي. اڄوڪي زماني جا پير پاڻ کي ته ڇٽل اوليا ۽ جنت جا حقدار ۽ ڪرامتن جا صاحب سمجهيون ويٺا آهن، پر پنهنجن مريدن کي ڇٽائڻ ۽ شفاعت ڪرڻ جو ٺيڪو ڪٽي ڇڏيو اٿن.

عالمن کان ٻڌو اٿم ته هڪڙي حديث شريف آهي ته جيڪو ماڻهو پنهنجي تعظيم لاءِ ٻين جو اٿي بيهڻ پسند ٿو ڪري تنهنجو اڌ ايمان ويو. ٻي حديث ته مشهور آهي ته جنهن ۾ هڪ داڻو به هٺ جو آهي سو بهشت ۾ نه ويندو. هٺ آهي ٻين کي پاڻ کان گهٽ ڄاڻڻ. هاڻي ٻڌايو ته اڄوڪا پير پاڻ کي ٻين کان وڏيڪ سمجهن تايانه؟ ڪنهن بزرگ مون کي چيو ته حال وجهڻ يا ٻئي جي دل پنهنجي قبضي ۾ آڻڻ ۽ اهڙي طرح ڪنهن کي پنهنجي لاءِ معتقد بنائڻ يا ڪنهن کي مطيع ڪرڻ هڪ عظيم گناهه آهي والله اعلم بالصواب

هڪڙي روايت آهي ته ڪو مشهور اصحابي ڪنهن ڳوٺ ۾ ويو، ماڻهن کيس وڏي عزت ڏني جڏهن ان ڳوٺ مان نڪتو تڏهن ماڻهو هن کي اماڻڻ لاءِ ٻاهر نڪري آيا ۽ هن جي پوئتان هلڻ لڳا. هي اصحابي سڳورو ٿيو اڳ ۾ ۽ ٻيا ادب کان پوئتان هلڻ لڳا. حضرت عمر کي انهيءَ ڳالهه تان سخت غصو آيو ۽ فرمائين ته تون مسلمانن کي ذليل ڪرڻ ٿو گهرين؟

اڄوڪي پيري موروثي ٿي پئي آهي ولي پير ته پٽ به هرويرو پير، مريد آهن ملڪيت جيئن ٻي ملڪيت ورثي ۾ ملندي آهي تيئن مريد به ورثي ٿاملن. اهي پير مريدن جي لاءِ ڇا ٿاڪن؟ گهڻي ۾ گهڻو ته هٿ کڻي دعا گهرن، بيو ٿيو پلو. مٿي مون


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

چيو آهي تہ اولياء الله اُهي آهن جي ايمان آڻين چڱا عمل ڪن. چڱا عمل رڳو نماز، روزو، تلاوت قرآن، تسبيح تي وظيفا پڙهڻ ۽ صلواتون ڪڍڻ ۾ محدود نہ آهن، چڱن عملن ۾ اُهي سڀ عمل اچي وڃن ٿا جي قرآن مجيد ۽ حديثن ۾ سيڪاريل آهن. قرآن شريف ۾ خاص حڪم آهي تہ اوهان ۾ ڪي ٽوليون اهڙيون هجن جي امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر جو ڪم يعني چڱن ڪمن جي هدايت ڪن ۽ بڇڙن ڪمن کان منع ڪن. سمجهو تہ بزرگن لاءِ اهو ڪم ڪونہ ڏسيل آهي تہ ماڻهن کي رڳو دعائون ڪندا وتن مگر اهو ڪم ڏسيل آهي تہ ماڻهن کي اسلام سيکارين.

هاڻي مان تفصيل سان پنهنجا خيال ٿو ٻڌايان. سچو رهبر اُهو آهي جو وڏو عالم هجي ۽ علم تي عمل ڪندڙ هجي، سادگيءَ، نماڻائي خود قرباني ۽ قوم جي خدمت ڪرڻ جا جذبا ۽ جوش منجهس موجود هجن، جوش ايڏو هجيس جو جوشيلن تقريرن ڪرڻ کان هو پاڻ کي روڪي نہ سگهي. جتي بہ ماڻهو گڏٿين اتي هڪدم ماڻهن کي خدا تعاليٰ ڏي رجوع ڪرڻ جو ڪم ڪري ڏئي. نڪي پاڻ کي پير سڏائي نڪي تڪلف سان اتي وهي، مريد اصل نہ ڪري، سيني مسلمانن کي ياءَ سمجهي، سيني کي يڪسان هدايت ڪري، ڪيس گهرجي تہ مسلمانن کي علم جي ترغيب ۽ تحريص ڏياري، مڪتبن ۽ مدرسن کولڻ جو چڱو انتظام ڪري. مسلمانن مان بدعتون ۽ بدرسمون ڪڍي گناهن ۽ بداخلاقن کي ڪڍڻ جي ڪوشش ڪري، وڙهيل مسلمانن جو پاڻ ۾ صلح ڪرائي، اتفاق پيدا ڪري وغيره وغيره. اهڙي رهبر کي جيڪڏهن ماڻهو دعوت ڏئي وڃي وڃن تہ پلي وڃي دعوت هرگز نہ کائي مگر نہ دعوت کائڻ جي نيت سان پر تقريرن ڪرڻ لاءِ. جيڪڏهن هن کي پيسا ملن تہ ان جو حساب ڪتاب رکي ۽ اهي پيسا قوم جي ترقي لاءِ ڪم آڻي. جيڪڏهن مسڪين هجي ۽ سادو گذران ڪندڙ هجي تہ پنهنجي لاءِ بہ ڪجهہ پيسا ڪٽي مگر اُهي حساب ۾ ڏيکاري مگر انهن شخصن جي دعوت کائي جن بابت معلوم هجي تہ ڪي وڏا گناه ڪندڙ آهن ۽ هدايت ڪرڻ سان بہ باز نٿا اچن.

سنڌ ۾ ڪي وڏا عالم ۽ گهڻن مريدن وارا پير آهن، انهن کي استدعا آهي تہ هڪ ماهوار اسلامي رسالو جاري ڪن ۽ هڪ چڱو عربي مدرسو هلائين ان ڪانسواءِ ڪين گهرجي تہ قرآن شريف جو سليس سنڌي زبان ۾ ترجمون ۽ تفسير تيار ڪرائي ماڻهن کي هدايت ڪن تہ اهو پڙهن. صحيح بخاري جو ترجمو حڪيم عبدالحق سکر واري ڇپارايو آهي. ان جي پڙهڻ جو تاڪيد ماڻهن کي ڪن ۽ عربي سيکاريندڙن کي تاڪيد ڪرڻ فرمائين تہ ڊاڪٽر داؤد پوٽي جا ڪتاب پڙهائين. (ڊاڪٽر موصوف جو گيشوري ڪاليج بمبئي ۾ عربي جو پروفيسر آهي).

*(توحيد- جون 1934ع)*


Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# سادگي

اسراف، عيش عشرت، بيھودي ۽ نمائشي خرچن ۾ سنڌ شايد سڄي دنيا ۾ پھريون نمبر آھي. اسراف جي ڪري عوام الناس ته ڇڏيو زميندارن ۽ واپارين جي حالت به دردناڪ ٿي چڪي آھي. جن ڪي پيسا آھن سي رڳو ڏيک ويک تي خرچي ڇڏين يعني محتاجن جي مدد ڪرڻ بدران پيسا سمنڊ ۾ اڇلائي ڏين. جن کي علم ۽ فرصت آھي سي ٻين کي سڌارڻ جي ڪوشش ڪرڻ بدران رڳو اخبارن پڙھڻ ۽ بحثن ڪرڻ ۾ حياتيون صرف ڪري ڇڏين. ائين نٿا سمجھن ته ملڪ ۽ قوم جي ترقي جو مدار عوام الناس جي سڌاري تي آھي. عوام الناس جي تباھي ملڪ ۽ قوم جي تباھي آھي. عوام الناس جي حالت ھي آھي ته ٿڌ گرميءَ کان بچڻ لاءِ نه گھر آھي نه ٿپڙ ٽاري آھي. ڍڳن سان گڏ ڇيڻن ۽ پيشاب ۾ حيوانن واري زندگي گذاري رھيا آھن بلڪ وڌيڪ خراب، جو ته گندگي ۾ رھڻ ڪري بيمارين ۽ موتن جو شڪار ٿاٿين. حڪيم يا ڊاڪٽر جي اٽائڻ جي ھنن کي بالڪل طاقت ڪانھي. جوئر جي ماني ۽ لسي به ڏوتي ڪانه ٿي ملين. نِنڊيا پار اُگھاڙا ۽ وڏا اڌ اگھاڙا ٿا رھن. ھميشه قرض ھيٺ ھئڻ ڪري غلامن بلڪ قيدين وانگر ٿا رھن.خودداري ۽ پنھنجي عزت رکڻ جو انگ ھنن مان نڪري ويو آھي تنھنڪري ھنن مان اخلاق ۽ دين به نڪري ويو آھي. جھل ۽ بي عقلي، بداخلاقي ۽ خراب صحت ھئڻ جي ڪري ھو ڪجھ به ڪري نه ٿا سگھن. سڌريل ملڪن جاھاري ۽ مزور جيتري دولت ڪمائين ٿا انھن جي ڏھين پتي به اسان جا ھاري مزدور پيدا ڪري نٿا سگھن. جيڪي ڪمائين ٿا تنھن جو ڪجھ ڀاڱو بي عقلائي سبب ضائع ڪري ٿا ڇڏين. انڪانسواءِ ھنن مان ڪي چورين ۽ ٻين وسيلن سان ٻين کي به نقصان ٿا رسائين ھن منجھان ئي اسان کي سمجھڻ گھرجي ته جيڪڏھن علم ۽ ڀچندي وارا عوام الناس جي حالت نه سڌاريندا ته پاڻ به تباھ ٿي ويندا.

ھي ڪھڙي نه ظلم جي ڳالھ آھي ته جو دولت پيدا ڪندڙ لسي ڪاڻ حيران ھجن ۽ ٻيا فقط ڏيک ويک تي لک بلڪ ڪرور پيا اُڏائي ڇڏين. ڪتن کي ڪپڙا پھرائڻ ۽ گوشت ڪارائڻ، ويڙھو ڪڪڙن کي مکڻ ڪارائڻ ۽ ميلون ڪرائڻ، طرحين طرحين جا شڪار ڪري دولت کي دونھو ڪرڻ، لکن جا بنگلا ۽ لکن جا فرنيچر ۽ سينگار جا


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

سامان رکڻ، سَوَن جون پوشاڪون پهرڻ (جن جو جتاءُ فقط چار ڏينهن) شراب، ڪباب، راڳ ۽ رباب تي دولت لٽائڻ، آتشبازيون ڪرڻ، لقبن ۽ عُهدن ۽ خالي عزتن لاءِ هزارين بلڪ لکين رپيا خرچ ڪرڻ، اهي ۽ ٻيا ڪيترائي بيهودا ڪم ڪري پاڻکي ۽ پنهنجي ملڪ ۽ قوم کي تباهه ڪرڻو نه آهي ته ٻيو ڇا آهي. انڪانسواءِ اسان جي ملڪ جي گهڻي دولت ۽ طاقت ڪن ٻين بداخلاقن ۽ بدتميزن ۾ بہ ضائع ٿي ٿئي، جهڙوڪ ڀنگ، چرس، تماڪ ۽ آفيم، ڪنڊ ۽ چانهه، جوابازي، زنا ۽ ٻيون بدڪاريون. سُستي ۽ فضول خرچي. چوريون ۽ ڌاڙا جهيڙا فساد ۽ ڪورٽن جا ڪيس، نڱيون، لچايون ۽ هڪ ٻئي جا نقصان ڪرڻ، جيڪڏهن انهن سڀني ڳالهين کي خيال ۾ آڻجي ته مون کي يقين آهي ته رڳو اسان جي سنڌ ملڪ ۾ سال ۾ ويهه ڪروڙ رپين جو ناحق نقصان ٿو ٿئي.

اسانجي ليڊرن کي جيڪڏهن سچ پچ پنهنجي قوم ۽ ملڪ جو درد آهي ۽ ڪين پنهنجي ۽ پنهنجي ملڪ جي ترقي جو اونو آهي ته تبليغ، تنظيم ۽ تعليم جي وسيلي بداخلاقين، اسراف ۽ جهل کي ٻن ڏين، قرضن ۽ وياجن کان ماڻهن کي آزاد ڪن ۽ دولتمند ماڻهن کي هدايت ڪن ته پنهنجي دولت کي اجايو لٽائڻ بدران ان کي وڌائڻ ۽ قوم جي ترقي تي خرچ ڪن. جيڪڏهن دولت گهڻي اٿن ۽ پنهنجي وطن لاءِ ايتري حُب ڪانہ اٿن جو مسڪينن جي تعليم تي خرچ ڪن ته ڪوهه کوٽائين، باغ پوکائين جن ۾ ميوا ۽ ڀاڄيون جام ٿين ۽ قسم قسم جا ڪارخانہ جاري ڪن جن ۾ مسڪين قسمن قسمن جا هنر سکن ۽ چڱي روزگار کي لڳن. هي بہ ياد رکڻ گهرجي ته سادگي ۾ صحت ۽ خوشي پاڻ وڌيڪ آهي ۽ عيش عشرت جي ڪري انسان ڪمزور، نبل ۽ روڳي ٿي ٿو پوي جنهن ڪري ڪين سچي خوشي حاصل ڪانہ ٿي ٿئي. توهان کي خبر آهي ته رسول الله ﷺ ۾ سادگي جو ڳڻ حد ڪمال هو پاڻ سڳورا نهايت سادا ڪپڙا پهريندا هئا. جيڪڏهن ڦاٽندا هئا ته انهن کي پاڻ ئي اڳڙي وجهي ٽوپو ڏئي وري پائيندا هئا. جُتي ڇجدي هين ته پاڻ ئي چتي هڻي وري پائيندا هئا. کاڌو حدڪمال سادو هوندو هو. جَوَن جي ماني ۽ ڪارڪن تي ئي اڪتفا ڪندا هئا. بعضي ته ڪيترا ڏينهن سندن چُلهي ۾ باهه ڪانہ ٻرندي هئي. گهر بہ نهايت سادا هون. فرنيچر اصل ڪونہ. تڏي تي پني اگهاڙي سمهي پوندا هئا. ڪم ڪرڻ کان عار ڪونہ ڪندا هئا. ٻهاري پائيندا هئا. ڪانئيون ميڙي ايندا هئا. ڪوڏر هڻندا هئا. اُٺ ٻڪريون چاريندا هئا. واپار ڪندا هئا. ٻڪريون ڏهندا هئا. اي اجوڪا مسلمان ڀائرو! توهان جو شان حضرت جن کان بہ مٿانهون آهي ڇا؟ جو ڪم ڪرڻ کان عار ٿا ڪريو ۽ سادن ڪپڙن پائڻ، سادي طعام کائڻ ۽ سادن گهرن ۽ سادي فرنيچر رکڻ کان شرم ٿا ڪريو. اٽلندو پوزيشن جي واسطي بيجا اسراف ٿا ڪريو. نمائش تي دولت ٿا لُٽايو. شادين ۽ غمين وغيره تي رسمن جي پابندي ڪري رسول ﷺ جي طريقي کي ڦٽي ڪري وڏا


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

خرچ ٿاڪيو ۽ پاڻ کي ۽ ٻين کي برباد ٿا ڪريو. اي پيارا ڀائرو! پاڻ کي رسول الله ﷺ ۽ اصحابن سڳورن ڪان وڏيڪ شان وارو نه سمجهيو. پوزيشن ۽ رعب جي مشرڪانه خيالن کي لٽن هيٺان لتاڙيو. جيڪڏهن سادگي جي ڪري توهان کي ڪو ملامت ڪري ته ڪيس چئو ته مان رسول الله ﷺ جي سنت جي تابعداري ٿو ڪريان مون کي الله جو راضپو گهرجي. نه توهان جو. توهان ڀلي مون تي چٿرون ڪيو ۽ خوش ٿيو.

الله تعاليٰ شال اسان مان هٺ ۽ وڏائي ۽ سستي جا اوگڻ ڪڍي ڇڏي ۽ نماڻائي ۽ سادگي ۽ محنت جا ڳڻ اسان ۾ پيدا ڪري! آمين

*(توحيد مئي 1935)*



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# تصنيفات ۽ ترقي

سڄي دنيا ۾ هر هڪ شخص قبول ٿو ڪري ته ترقي جو مدار علم آهي تنهن هوندي به ڪي مُرده قومون علم ۽ تعليم جو انتظار ڪرڻ بدران ننڊ ۾ ستيون پيون آهن. مدرسن ۽ ڪاليجن کولڻ ۽ مسڪينن جي تعليم جو انتظام ڪرڻ ته پري رهيو پر جيڪي ٿورا گهڻا سرڪاري اسڪولن يا مڪتبن مان نڪتا آهن تن کي ايترو به شوق ناهي جو اخبارون پڙهن ۽ ڪتابن جو مطالعو ڪري پنهنجو علم وڌائين ۽ مصنفن جي حوصلہ افزائي ڪري لٽريچر جو ذخيرو وڌائين. سچ ائين آهي ته جن کي اخبارن ۽ ڪتابن پڙهڻ جو شوق ڪونهي سي اڻپڙهيلن جهڙا آهن گويا هو پڙهيا ئي ڪين آهن مون بار بار اخبارن ۾ وڏا وڏا مضمون لکي سمجهايو آهي ته ترقي لاءِ ضروري آهي ته اخبارن ۽ ڪتابن خريد ڪرڻ لاءِ هر هڪ ڳوٺ هر هڪ گهر تي ٽڪو يا آنو مهيني ۾ چندو رکجي ۽ ان موڙي مان ڪم از ڪم هڪ اخبار ۽ بچت مان ڪتاب گهرائي مسجد ۾ رکجن. مگر ڏسجي ٿو ته قوم ۾ ايتري به سجاڳي ڪانہ ٿي آهي جو اهڙي سولي ڪم جو انتظام رکن. پوءِ ڪيئن اميد رکون ته قوم ترقي ڏانهن ڪو قدم کڻي سگهندي.

جيئن بنيءَ ۾ آبادي تڏهن ڪري سگهبي جڏهن منجهانس ڪنڊيون، ڪانڊيرا ڪرڙ ۽ ڪلر ڪڍي ڇڏبو آهي، تيئن قوم ۾ به چڱو ٻج تڏهن پوکي سگهبو جڏهن همت ڪري قوم جي غلط خيالن، ڪوڙن اعتقادن ۽ بدرسمن ۽ تعصب جي خاردار ٻوٽن کي کهاڙن ۽ واهولن سان وڍي پٽي ساڙي نابود ڪبو. انهيءَ خيال سان مون هڪ ڪتاب تصنيف ڪيو آهي. جنهن جو نالو رکيو اٿم سنڌ جي ”مسلمانن جي مذهبي حالت“. ان ۾ عوام الناس ۽ نيم خوانده ملن وغيره جي غلط خيالن ڪوڙن اعتقادن ۽ برباد ڪندڙ عملن جو بيان ڪيل آهن ۽ اهڙيون سچيون ڳالهيون بيان ڪيل آهن جو ڪتاب ناول وانگر مزيدار ٿي پيو آهي. منجهس چئن قسمن جي ماڻهن جو بيان ڪيل آهي: هڪڙا عوام الناس جيڪي جهل جي سمنڊ ۾ غرق آهن ٻيا ڪي ٿورا انگريزي دان جي اسلام کي ترڪ ڪري منافقي طور پاڻ کي مسلمانن ۾ داخل ڪري اسلام ۽ مسلمانن کي برباد ڪري رهيا آهن. اهي تعداد ۾ ٿورا آهن، پر گهڻو ڪري


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

پوزيشن وارا آهن تنهنڪري سندن مذهبي لاپرواهي لڪن مسلمانن کي گمراه تي ڪري. تيان اُهي نيم خوانده، نيم ملان، پير، مجاور ۽ ينگ پيئندڙ فقير جيڪي پنهنجي گذران ۽ وقار لاءِ ڪوڙا قصا ٻڌائي خدا جي خلق کي اسلام ۽ علم کان محروم ڪري سندس جهل جو فائدو وٺي انهن کي هر طرح برباد ڪري رهيا آهن. چو ٿان اهي روشن خيال وڏا عالم جن کي نيم خوانده ملان، پير ۽ مجاور ۽ فقير پنهنجي غرض لاءِ بدنام ڪري رهيا آهن ۽ عوام الناس کي سندن ڳالهيون ٻڌڻ به نه ٿا ڏين. انڪانسواءِ ڪتاب ۾سيني اخلاقي مسئلن تي بحث ڪيل آهي ۽ اُهي اصول بيان ڪيل آهن جيڪي اميد ته سيني فرقن ۾ مقبول پوندا ۽ انهيءَ ڪري گهٽي قدر مکيه مسئلن تي اتفاق ٿي ويندو. فقط فروعي ڳالهين ۾ اختلاف رهندو. گهٽ ۾ گهٽ تعصب جي پاڙ گهٽي قدر پٽجي ويندي ۽ هر ڪنهن ۾ اهو خيال پيدا ٿيندو ته مان وڌيڪ تحقيقات ڪري صحيح خيال ۽ صحيح اعتقاد، رڪان. مان پاڻ ائين نٿو چوان ته منهنجا خيال صحيح آهن. ڪوبه شخص منهنجن خيالن کي غلط ثابت ڪندو ته مان انهن کي هڪدم ڦٽي ڪري صحيح خيال قبول ڪندس. قوم ۾ هڪڙو گڻ ضرور پيدا ٿيڻ گهرجي ته تعصب ڦٽي ڪري ٻين جي خيالن کي ويچار هيٺ آڻجي ۽ جيڪڏهن پوءِ به غلط نظر اچن ته تهذيب جي نموني قرآن ۽ حديث جي وسيلي ۽ عقلي دليلن سان غلط ثابت ڪجن. هي اصول به نهايت ضروري آهي ته اُهي خيال، اعتقاد ۽ عمل هرگز چڱا نه ڇڏبا جن مان ترقي جي بدران مالي اخلاقي، بدني يا دماغي نقصان پهچي.

ڪتاب جي آخري حصي ۾ ڪي تنظيمي رٿون ۽ ترقي جا وسيلا بيان ڪيل آهن جن بابت اميد ته ڪوبه اختلاف ڪونه ڪندو. بهرحال ڪتاب اهڙو وٽندڙ آهي جو اميد ته هزارن جي تعداد ۾ هٿون هٿ کڄي ويندو ۽ اصلاح جو ڪم ڏيندو. ڪو به پبليشر اهو ڪتاب ڇپائي ته مان ڪيس هڪدم موڪلي ڏيان. مون کي ڪوبه ذاتي غرض ڪونهي. تنهنڪري فقط شرط وجهندس ته جيڪڏهن ڪتاب جاهزار جلد هڪ سال ۾ کپي وڃن ته صافي نفعي جو اڌ ڪنهن به ديني مدرسه کي مدد طور ڏنو وڃي. ڪتاب شايد ايڏو آهي جيڏو مولوي فتح محمد صاحب جو نورالايمان يااخلاق محمدي. ان ڪتاب ۾ هي به ڏيکاريو ويو آهي ته ترقي جو بهترين وسيلو آهي ٻارن کي ننڍي هوندي کان وٺي دنوي تعليم سان گڏ سليس نموني ديني تعليم ڏيڻ. مفصل طور رٿ ڏنل آهي ته ڪيئن اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ديني تعليم ڏجي، هر هڪ ڪلاس ۾ ڇاڇا سيکارجي، ان خيال سان ڏهه سال ڪن ٿيا جو مون ڇهه اسلامي ڪتاب اسڪولي شاگردن لاءِ تيار ڪيا. انهن جو بيان ”الوحيد“ ۾ ڏنو هوم انهن مان پهريائين ڪتاب آڪاٽين ۽ قصن ۽ تاريخ جي صورت ۾ آهن. جن ماڻهن کي تعليم جو آزمودو ڪونهي تن کي خبرڪانه ٿي پوي ته شاگردن کي ڇا سمجهه ۾ اچي ٿو ۽ ڇا نه ٿو اچي ۽ ڪهڙي نموني جا ڪتاب مٿن اثر ڪري سگهن ٿا ۽ ڪهڙا نٿا ڪري سگهن. مون کي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

تعليم جو آزمودو گهٽو آهي ۽ مان اميد ٿو ڪريان ته منهنجا اهي ڇهه ڪتاب مسلمان شاگردن لاءِ ڏاڍا ڪارائتا ٿيندا. خدا جي مهرباني سان سرڪار نامدار اجازت ڏني آهي ته لوڪلبورڊ اسڪول ۾ ديني تعليم رائج ڪئي وڃي. جيڪڏهن منهنجا هي ڪتاب ڇپجي پون ته اميد آهي ته گهڻا اسڪول بورڊ خوشي سان اسڪولن ۾ ديني تعليم جاري ڪندا ۽اهي ڪتاب منظور ڪندا. تنهنڪري پبلشرن کي اعلان ٿو ڪريان ته جيڪڏهن انهن ڪتابن جي ڇپائڻ جي خواهش هجين ته مون کي لکي موڪلين. شرط فقط اهو وڌو ويندو ته جڏهن ڪوبه ضلع ديني تعليم جاري ڪري اهي ڪتاب اسڪولن ۾ پاڙهڻ جو حڪم ڪندو ته پوءِ صافي نفعي جو اڌ يا گهٽ حصو ڪنهن به ديني مدرسي کي مدد طور ڏنو ويندو.

*(توحيد جنوري 1936ع)*


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# فقهه شريف

حضرت مولانا مولوي محمد صادق صاحب مدظلہ تازي ”الوحيد“ ۾ لکڻ فرمايو آهي تہ اخبار ”الوحيد“ ۾ مسٽر علي خان صاحب جو مضمون ڇپيو هو جنهن ۾ هن پنهنجي مضمون ۾ فقہ شريف ۾ ترميم جي خواهش ڏيکاري هئي. جيتري قدر مون کي ياد آهي، مون تہ فقط هيترو لکيو هو تہ فقہ شريف ۾ جيڪي جيڪي ڳالهيون اهڙيون آهن جيڪي قرآن مجيد ۽ حديث ۾ نٿيون ملن سي الڳ ڪري رکجن. مونکي ارمان آهي تہ مون غلطي ڪري اهي لفظ لکيا. منهنجو مضمون فقہ شريف بابت نہ هو پر تعصب ۽ جاهلائي بابت هو. جو جاهل ماڻهو سڀ ڪنهن پڪي ۽ چڱي پڙهيل مسلمان کي وهابي ۽ گمراهہ ڪوٺي سچي خدا جي خلق کي گمراهہ ڪري رهيا آهن. اهي جاهل نہ رڳو نجدين کي، اهلحديث کي ۽ غير مقلدن کي بلڪ پڪن حنفي مسلمانن کي بہ وهابي ۽ گمراہ سڏي رهيا آهن. ديوبندي عالمن کي جيڪي پڪا حنفي آهن، تن کي نہ رڳو وهابي پر مرتد ۽ ڪافر سڏي رهيا آهن. نہ رڳو ايترو پر اها بہ فتويٰ ڏني اٿن تہ جيڪو انهن کي مرتد ۽ ڪافر نہ سمجهندو سو بہ ڪافر آهي. خود حضرت مولانا محمد صادق صاحب مدظلہ کي عام طرح وهابي ۽ وهابين جو سردار سڏيو ٿو وڃي. منهنجو عقيدو آهي تہ سڀ ڪو ڪلمي گو مسلمان آهي. جنهن کي بہ قرآن شريف تي ايمان آهي سو پڪو مسلمان آهي. اسلام ۾ فرقا آهن ئي ڪونہ اسان سڀني کي فقط مسلمان سڏائڻ گهرجي. جيڪڏهن اسان ۾ اختلاف آهن تہ اُهي گهڻو ڪري فروعي آهي. اُهي اختلاف هن ڪري آهن جو هر ڪنهن جي سمجهہ پنهنجي آهي، ڪي گهٽ پڙهيل آهن، ڪي وڌيڪ ۽ ڪي خود غرض پيٽ پالو آهن. تہ ڪي وري غني ۽ بي پرواہ آهن. جن مسئلن جو تعلق جماعت سان آهي تن بابت سڀني مسلمانن کي اجماع امت تي ضرور هلڻ گهرجي.جيڪو جماعت کان ڇڄندو ۽ جدا فرقو ٺاهيندو تنهن بابت چاچئجي تنهن کان مان هن وقت حذر ٿو ڪريان، باقي جن مسئلن جو جماعت سان ڪو تعلق ڪونهي، تنهن بابت وڏا عالم اختلاف ڪن تہ بجا آهي پر اهو اختلاف عوام الناس جي ڪنن تائين پهچڻ ئي نہ گهرجي. نڪي اُنهن تي ايترو زور ڏيڻ گهرجي. مثلاً عالمن جو خيال هو تہ ايمان ۾ سڀ مسلمان حضرت


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ابوبڪر صديق رضي الله عنه سان برابر آهن ۽ ڪن جو خيال هو ته نه عوام الناس کي ته اهڙن مسئلن ۾ به تقليد ڪانسواءِ چاروئي ڪونهي. باقي عالمن کي زبردستي سان ته ڪونه چئبو ته هروڀرو پنهنجي ضمير جي خلاف هي عقيدو رک يا هروڀرو هن طرح عمل ڪر! هن وقت اهڙن فروعي مسئلن تي بحث ڪرڻ جو مثال اهڙو آهي جهڙو قسطنطنيه جي پادرين جو لکيو اٿن ته جنهن وقت مسلمانن قسطنطنيه فتح پي ڪيو، تنهن وقت پادري هن بحث ۾ مشغول هئا ته عيسيٰ ابن خدا (نعوذبالله) جو ٿورو يا پيشاب پاڪ هو يا پليت. هڪڙي ماڻهو کي نمونيا جي بيماري هجي ۽ حالت خوفناڪ هجي پر ان سان گڏ پير ۾ هڪڙو ننڍي ۾ ننڍو ڪنڊو لڳل هجيس. پوءِ حڪيم نمونيا ڇڏي ڪنڊي جي بحث ۾ لڳي وڃن ته انهن حڪيمن کي ڪير عاقل سمجهندو . هوبهو اها حالت آهي اسان جي قوم جي. اسان ۾ جهل ايترو آهي. جو 100 مان 99 ماڻهن کي ڪلمه جي معنيٰ به ڪانه ٿي اچي.100 مان 99 ماڻهو مڪانن جي جاهل پينگ چرس نوش ڪندڙن کي برحق ٿا سمجهن. قوم بدعتن ۽ بد رسمن جي ڪري ذليل ۽ تنگ حال ٿي رهي آهي. بداخلاقين جهڙوڪ فسادن، چوري، نشو، زنا، وڙهڻ، گاريون ڏيڻ، خون ڪرڻ، پرائو حق ڪائڻ، ظلم ڪرڻ، مڪرن ۽ فريبن سان ماڻهن کي ڦرڻ وغيره وغيره جي ڪري قوم تباهه ٿي رهي آهي. اهڙي وقت ۾ اصلاحي ڪمن کي ڇڏي فروعي مسئلن ۾ پوڻ بلڪل نامناسب آهي. ضرورت اها آهي ته جنهن قرآن مجيد کي قوم قطعاً ڇڏي ڏنو آهي، تنهن ۾ قرآن پاڪ جي اشاعت ڪئي وڃي. قرآن مجيد جي هڪ هڪ آيت بلڪل ننڍڙا جملا به قوم کي ترقي جي معراج تي پهچائي سگهن ٿا. ضرورت آهي رڳو عمل جي نه بحثن جي. رڳو لا الٰہ الا الله تي عمل ٿئي ته قوم سڄي دنيا ۾ سربلند ٿي وڃي. رڳو اياڪ نعبد تي عمل ٿئي ته الاجي ڇا ٿي پوي. و اياڪ نستعين تي عمل ٿئي ته قوم سيني بدعتن کان ڇٽي پوي. هيون کي آيتون سنڌيءَ ۾ ٿو ڏيان جن تي عمل ڪرڻ سان اسان جي قوم جيڪر ٿوري ئي وقت ۾ اعليٰ عروج حاصل ڪري ڇڏي.

”مؤمن فقط اهي آهن جيڪي الله ۾ ايمان ٿا رکن. شڪ نٿا آڻين ۽ پنهنجن جان ۽ مال سان جهاد ٿاڪن. الله جي رسيءَ کي سيئي گڏجي مضبوط جهليو ۽ جدا جدا نه ٿيو. سڀ مومن ڀائر آهن پوءِ انهن جي وچ ۾ صلح ڪرايو ۽ خدا کان ڊڄو ته توهان تي رحم ڪيو وڃي. اجايا خرچ نه ڪريو تحقيق اجايو خرچ ڪندڙ شيطانن جا ڀائر آهن.“

وري زور سان عرض ٿو ڪريان ته قرآن شريف جو صحيح ترجمو ۽ تفسير مختلف نمونن ۾ عوام النا س ۾ شايع ڪرڻ گهرجي. ۽ عمل ۽ اصلاح تي زور ڏيڻ گهرجي. باقي دقيق ۽ فروعي مسئلن تي ههڙي نازڪ وقت ۾ وقت وڃائڻ ائين آهي، جيئن نمونيا جي علاج کي ڇڏي ڪنڊي تي بحث ڪرڻ.

مان پنهنجي سر فقهه جي فائدي ۾ آهيان. پر ان بابت جيڪي منهنجا خيال آهن


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

سي وڏن زبردست علامن مجتهدن جي پيش ڪرڻ جهڙا آهن نہ عوام الناس جي اڳيان رکڻ جهڙا. منهنجو خيال آهي تہ الوحيد“ ۾ اختلافي مسئلن تي بحث نہ ڪيو وڃي. فقط عوام لناس جي اصلاح بابت مضمون وڌا وڃن. حصرت مولانا مولوي محمد صادق صاحب مدظلہ لاءِ مونکي نهايت عزت ۽ احترام آهي. هو صاحب مون کي اميد تہ معاف ڪرڻ فرمائيندو. جيڪڏهن مان ادب سان عرض ڪريان تہ اهڙي قسم جا مضمون الوحيد ۾ شايع ڪرڻ نہ فرمائي.

*(توحيد آڪٽوبر 1935ع)*


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

# اسان خدا جي عبادت ڪندڙ آهيون يا شيطان جي؟

اسان نماز جي هر قيام ۾ سورة فاتحه پڙهندا آهيون ۽ ان سورة ۾ الله تعاليٰ جي خدمت ۾ هي عرض به ڪندا آهيون ته اسان فقط تنهنجي عبادت ٿا ڪيون (اياڪَ نَعبدُ) انهي جي معنيٰ اها ناهي ته اسان تنهنجي نماز ٿا پڙهون. الله تعاليٰ کي اسان جي نماز جي ڪا پرواهه ڪانهي. پر معنيٰ اها آهي ته اسان فقط تنهنجي ٻانهپ ٿا ڪيون ۽ تنهنجي ئي حڪمن جي پيروي ٿا ڪريون. ۽ تنهنجي حڪمن جي خلاف پنهنجي نفس جو حڪم يا ڪنهن ٻئي انسان جو حڪم نٿا مڃون. الله تعاليٰ جا حڪم رڳو نماز روزي حج زڪواة ۽ ذڪر وغيره بابت نه آهن پر سوين بلڪ هزارين آهن مثلاً خدا سان ڪنهن کي شريڪ نه ڪيو، پاڻ ۾ اتفاق ۽ ٻڌي ڪريو، مظلوم جي مدد ڪريو، سيني سان خيرخواهه، همدردي، رحمدلي ۽ مدد گاري ڪريو، سچ ڳالهايو، انجام پاڙيو، ڪوڙ، ٺڳي نه ڪريو، ظلم نه ڪريو. ڪنهن کي نه ايذايو، پرائو حق نه ڪائو، چوري نه ڪيو، زنا نه ڪيو، نشو ۽ جوانء ڪيو، محنت ڪيو ۽ سستي نه ڪيو، اجا يا خرچ نه ڪريو. هَٺَ ۽ وڏائي کي ترڪ ڪري سادگي ۽ مُساوات اختيار ڪريو.

الله تعاليٰ جي عبادت جو مثال ڪجهه قدرائين آهي جيئن هڪ انسان نوڪر پنهنجي ڌڻي جا ڪم ڪاريون ٿو ڪري، تفاوت فقط هي آهي ته ڌڻيءَ کي پنهنجي نوڪر جي ڪم ڪار جو احتياج آهي. جيڪڏهن نوڪر ڪم ڪار ڪري ٿو ته ڌڻي کي سُک ۽ فائدو رسي ٿو پرجي نٿو ڪري ته ڌڻي کي تڪليف ۽ نقصان ٿو پهچي. مگر الله تعاليٰ جا حڪم اسان بجا آڻيون ته ڪيس ڪوبه فائدو ڪونه ٿو پهچي ۽ نٿا بجا آڻيون ته ڪيس ڪوبه نقصان ڪونه ٿوٿئي. الله تعاليٰ جي حڪمن بجا آڻڻ ۾ اسان جو ئي فائدو آهي. ۽ بجا آڻڻ سان اسان هن دنيا ۾ خواهه آخرت ۾ ڪاميابي، آسودگي ۽ سعادت ماڻيون ٿا. پر جيڪڏهن الله تعاليٰ جي حڪمن جي خلاف هلون ٿا ته نه رڳو سجا ۽ خوار خراب ٿيون ٿا پر هزارين مصيبتون ۽ بربادیون ڏسون ٿا. دنيا جي مسلمانن جي تاريخ جنهن پڙهي هوندي سو هي ڳالهه چڱي طرح سمجهي سگهندو.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

اوائلي مسلمان قرآن شريف سمجهندا ۽ ان تي عمل ڪندا هئا تنهنڪري هو دولت مند ۽ بادشاهه ٿيا. مگر مسلمانن ۽ اسان قرآن شريف کي بلڪل ڇڏي ڏنو تنهنڪري اسان جون بادشاهتون تہ هليون ويون پر جيڪي ٻيون مصيبتون اسان ڏٺيون ۽ ڏسون پيا تن جو بيان ڪرڻ کان ٻاهر آهي. الله تعاليٰ جي عبادت جو مثال نوڪر ۽ ڌڻي سان هن طرح آهي جيئن نوڪر وقت بہ وقت ڌڻي وٽ حاضر ٿي سلام ۽ نياز ڪري ٿو ۽ چوي ٿو تہ تون منهنجو سائين آهين مان تنهنجو نوڪر آهيان. جيڪي حڪم ڏيوسي مان بجا آڻيان تيئن اسين بہ الله تعاليٰ جي درگاهہ ۾ پنج وقت حاضر ٿي بحد ڪمال عجزو نياز ظاهر ڪريو ن ٿا ۽ چئون ٿا تہ تون ئي اسان جو رب پالڻهار آهين. اسين تنهنجا عاجز ٻانها آهيون اسان فقط تنهنجي ئي ٻانهپ ڪيون ٿا ۽ جيڪي حڪم آهن تن جي تعميل ڪيون ٿا (اياڪ نعبد) پوءِ جيڪڏهن نوڪر رڳو وقت بہ وقت پنهنجي ڌڻي وٽ ادب سان سلام ڪري ۽ چوي تہ مان تنهنجي حڪم جو بندو آهيان مگر جيڪي حڪم ڌڻي چويس سي نہ ڪري، رڳو رُلي پني موٽي اچي تہ پوءِ ڌڻي ساڻس ڪهڙي هلت ڪندو. ظاهر آهي تہ ڌڻي هن جي خالي سلام ۽ نياز مان راضي تہ ڪونہ ٿيندو پر اُٽلندو تپي باهہ ٿي ويندو ۽ چوندو تہ بدمعاش هي ڇا ٿو ڪرين! مون کي چوين ٿو تہ مان حڪم جو بندو آهيان مگر منهنجو ڪوبہ ڪم ڪونہ ٿو ڪرين. پوءِ ڌڻي هن کي پگهار تہ ڪونہ ڏيندو پر مورڳو لت هڻي نوڪري مان ئي ڪڍي ڇڏيندس ساڳئي طرح اسان بہ جيڪڏهن الله تعاليٰ جي درگاهہ ۾ حاضري ڀري ڪيس چئون تہ اسان فقط تنهنجي ئي فرمانبرداري ٿا ڪريون مگر درحقيقت سندس حڪمن کي ٺوڪر هڻي شيطان جي حڪمن تي هلون تہ الله تعاليٰ اسان کي ڇا فرمائيندو هُو فرمائيندو تہ اوجاهل، ڪميڻا! تون مون گدو بندر جي چرين جهڙو سمجهيو آهي؟ ڇا مون کي ايتري بہ خبر ڪانہ ٿي پوي تہ تون منهنجي حڪمن تي بلڪل ڪونہ ٿو هلين، رڳو منافقي طرح مونکي سجدو ٿو ڪرين ۽ چوين ٿو تہ مان فقط تنهنجي عبادت ٿو ڪيان. مان نہ ٿو ڏسي سگهان ڇا تہ تون مون وٽ خالي سلام ڪري پوءِ انئي پهر شيطان جي نوڪري ٿو ڪرين نہ منهنجي. مون کي تنهنجي ڪوڙي خوشامد پسند ناهي. پوءِ الله تعاليٰ هن کي لت هڻي لعنتي ڪري ڪڍي ڇڏيندو ۽ ڪيس انعامن ۽ نعمتن ڏيڻ بدران عذابن ۾ گرفتار ڪري خوار خراب ۽ تباهہ ڪندو ۽ سچ پچ الله تعاليٰ اسان کي لت هڻي ڪڍي ڇڏيو آهي ۽ مصيبتن ۾ گرفتار ڪري خوار خراب ڪيو آهي. ڇو تہ اسين سچ پچ سندس عبادت ڪانہ ٿا ڪيون پر شيطان جي عبادت ٿا ڪريون.

جيڪڏهن اسان خدا جي حڪم جي خلاف پنهنجي نفساني خواهش موجب هلت ٿاڪيون تہ اسان سچ پچ حرص و هوائن جي بتن ۽ شيطان جي پوڄا ٿا ڪيون. جيڪڏهن اسان خدا جي حڪمن جي خلاف وڏيرن، زبردستن يا عملدارن جي چوڻ تي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ٿا هلون ۽ منجهائن چڱائي جي اميد يا نقصان جو خؤف رکي سندن بيجا خوشامد يا رسائي وغيره ٿا ڪيون ته اسان ڪين خدا سمجهي سندن ئي عبادت ٿا ڪريون نه ته اسان جي عزت ۽ ذلت، نفع ۽ نقصان شاهوڪاري ۽ سڃائي، حياتي ۽ موت الله تعاليٰ جي هٿن ۾ آهي نه وڏيرن ۽ عملدارن جي هٿ ۾. الله تعاليٰ جو حڪم آهي ته فقط مون ۾ اميدون رکو ۽ فقط مون کان ڊڄو. مگر اسان خدا جو خوف ڦٽي ڪري ٻين کان ڊڄي رهيا آهيون. زبان سان اسان ڪجهه به چئون مگر درحقيقت عملاً اسان شيطان، وڏيرن ۽ عملدارن جي پوڄا ڪري رهيا آهيون تنهنڪري مشرڪ ۽ ڪافر آهيون، تنهنڪري ئي الله تعاليٰ اسان تي طرح طرح جون مصيبتون نازل ڪري رهيو آهي.

اسان نه رڳو پنهنجي حرص وهوائن جي بُتن، وڏيرن، عملدارن، بدمعاش ۽ ظالمن جي پوڄا ڪري رهيا آهيون پر اسان پيرن فقيرن ۽ عالمن کي به رب سمجهي انهن جي پرستش ڪري رهي آهيون. قرآن شريف ۾ فرمايل آهي ته يهودين پنهنجي عالمن کي رب ڪري ورتو آهي ڇو ته هو خدا جي حڪمن جي خلاف پنهنجي پادرين جي حڪمن تي هلي رهيا آهن. ساڳي طرح اسان به قرآن شريف ۾ ڏنل الله تعاليٰ جي حڪمن تي عمل ڪرڻ ته پنهنجي ماڳ پر راڳو انهن حڪمن جي معلوم ڪرڻ جي به ڪوشش نه ٿا ڪريون ۽ الله جي حڪمن جي خلاف مولوين، فقيرن ۽ پيرن جي چوڻ تي ٿا هلون ۽ يهودين وانگر انهن کي پنهنجا رب ڪري ورتو اٿئون.

پائرو سجاڳ ٿيو، الله تعاليٰ جي درگاهه ڏي موٽو، قرآن شريف معنيٰ سان پڙهو، ان تي غور ۽ فڪر ڪريو ۽ ان تي عمل ڪريو پوءِ وري به الله تعاليٰ اوهان کي سر بلند ڪندو ۽ دنيا ۽ آخرت جي سعادت نصيب ڪندو.

*(توحيد مارچ 1938ع)*


www.sindhsalamat.com
سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# تاريخ اسلام جو هڪ واقعو

حضرت ابوبڪر رضي الله عنه پنهنجي زندگيءَ ۾ ئي خلافت جو فيصلو ڪري ڇڏيو. ان فيصلي موجب حضرت عمر رضي الله عنه خلافت جو بار پنهنجي سر تي ڪنيون، ۽ اسلام جي لاءِ نهايت ڪارآمد ثابت ٿيو. هن جي اخلاقي قوت مضبوط ۽ منصفي راڄ تيز هو. هلت چلت ۾ بي ڊپو ۽ ڪم ڪرڻ ۾ اڻ ٿڪ هو. اندروني ضابطي قائم ڪرڻ بعد پهريون پهريون ڪم اهو ڪيائين جو مثنہ جي مدد لاءِ لشڪر گڏ ڪري موڪليائين. انهيءَ لشڪر جو سردار ابو عبيده هو جنهن ميدان ۾ پهچي سڄي لشڪر جي ڪمان پنهنجي هٿ ۾ ڪنئي. مثنہ جي نيڪ صلاح جي ابتڙ هن، اهڙي ميدان ۾ جتي لشڪر کي هيڏي هوڏي ڦيرائڻ محال هو، هڪدم ايرانين سان گڏ جنگ شروع ڪري ڏني، جنهن ۾ هن کي سخت شڪست آئي، ۽ پاڻ بہ مارجي ويو. مگر ايرانين پنهنجي فتح جو فائدو نہ ورتو، ۽ آخر مثنہ جي چالاڪي هنن تي غالب پيئي، فرات نديءَ جي مغربي شاخ تي بويب وٽ کين سخت شڪست ڏنائين. مثنہ وري ساڳيو ملڪ هٿ ڪيو، ۽ هرا ۾ گهڙيو.

هن وقت نئون بادشاهہ يزد جرد ايران جي تخت تي ويٺو. هن نوجوان جوشيلي بادشاهہ نہ رڳو عربن کي هرا مان تڙي ڪڍڻ جي ڪمر ٻڌي، پر سندن ملڪ وٺڻ جو بہ پڪو ارادو ڪيائين. انهيءَ مطلب سان هڪ لک ماڻهن جو لشڪر هڪدم عراق عرب ڏي ڏياري موڪليائين، انهيءَ رٽ سان تہ ڏکڻ ڏي رخ رکي مسلمانن کي زور سان شڪست ڏيئي ٻاهر ڪڍي. ست صفون مسلمان مثنہ جي زير ڪمان ايڏي وڏي لشڪر سان پڄڻ جي پيٺي نہ ڏسي وري بہ عراق عرب خالي ڪري بيابان جي حد تي وڃي بيٺا، ۽ مديني مان پرتي جي اچڻ جو انتظار ڪيائون.

جڏهن مسلمان ايرانين جي حملي لاءِ انتظار ۾ بيٺا هئا تڏهن سندن ماهر جنرل مثنہ تپ ڪان بيمار ٿي وفات ڪئي. سعد ابن وقاص جنهن کي خليفي پرتي سان موڪليو سو هاڻي سڄي لشڪر جو سپہ سالار ٿيو. لشڪر جو تعداد ٽيهہ هزار ٿيو. هي قادسيہ جي جنگ تمام سخت لڳي ۽ سڄا ٽي ڏينهن هلي. ٻنهي ڌرين جي پهلوانن بهادري جهڙا ڪم ڪري ڏيکاريا، ٽيئن ڏينهن تي ايرانين جو لشڪر ٽٽي پيو. سخت


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

نقصان ۽ سندن جنرل جي قتل ٿيڻ بعد ايراني اتر ڏانهن وٺي ڀڳا. هن جنگ جا سنه 15 هجري ۾ لڳي نيٺ عراق عرب جو آخرين فيصلو ڪري ڇڏيو. عراق بنا روڪ جي وري قبضي ۾ آندو ويو، ۽ هرا جي ماڻهن جن مٿنه جي عهدنامن کي ڦاڙي چاڪ ڪري ڇڏيو هو تنکي سندن دغا جي سزا ڏيڻ لاءِ مٿن وڏيڪ ڍل مقرر ڪئي ويئي.

هرا جي آسپاس وارن شهرن ۽ ڳوٺن کي آڻ مڃائڻ بعد سعد بابل ڏانهن وڌيو جتي ايرانين جو باقي لشڪر فيروزان هرمزان ۽ مهران جي هٿ هيٺ ڪٺو ڪيو ويو هو. هنن کي اتي به اهڙي شڪست آئي جو ڇڙوڇڙ ٿي ويا. مهران ايران جي گادي جي هند مداين ڏانهن نڪري ويو، هر مزان پنهنجي شهر اهواز ڏانهن ڀڄي ويو، ۽ فيروزان نهاوند ڏانهن روانو ٿيو جتي ايران جي بادشاهه جو خزانو رکيل هو. مگر جيستائين مداين جو شهر جتي مهران لشڪر سان لٿل هو ڌارين جي قبضي ۾ رهي تيستائين عراق عرب ۾ عربن جو ويهڻ محال هو، تنهنڪري سعد لاچار انهيءَ بادشاهي شهر تي ڪاهيو. اهو شهر جتي هاڻي بغداد آهي تنهن کان 15 ميل مٿي دجله نديءَ جي ڪپ تي هو. بغداد وانگر اهو شهر به ٻنهي ڪپن تي هو. مداين جي معنيٰ ئي آهي ٻه شهر - پري کان بادشاهن ۽ اميرن جي عاليشان ۽ رنگا رنگي محلاتن جي نظاري سادن عربن کي حيران ڪري ڇڏيو. ٿوري وقت جي محاصري (گهيري) کان پوءِ شهر جي ماڻهن دروازا ڪٽي ڪوليا. مداين جي فتح بعد دجله جي الهندي وارو سڀ ملڪ عربن جي هٿ هيٺ آيو. ڪسريٰ جي محلات ۾ شڪراني جي نماز پڙهي ويئي جنهن ۾ سڄو لشڪر شامل ٿيو.

سعد هاڻي سڄي عراق عرب جو جنگي سردار ۽ ملڪي حاڪم ٿيو، پنهنجو هيڊ ڪواٽر مداين ۾ ڪيائين. هو شاهي محلات ۾ رهيو، ۽ ملڪ جي انتظام ۾ مصروف ٿيو. پر جلد ئي ڪيس ٻي جنگ مجبورن ڪرڻي پيئي. ايران جو بادشاهه جو جبلن جي الهندي طرف هلوان ۾ رهيو پيو هو تنهن هڪ وڏو لشڪر مداين جي طرف وڃڻ لاءِ روانو ڪيو. سعد جو لشڪر مداين کان 50 ميل اتر اپرندي جلولہ وٽ دشمن کي سامهون ٿيو، ۽ سخت نقصان سان شڪست ڏنائينس. هلوان خود ورتو ويو، ۽ سندس مضبوط قلعي ۾ لشڪر رکيو ويو. جڏهن مداين ۽ جلولہ جي لٽ جو مال مديني ۾ پهتو تڏهن خليفو عمر رضي الله عنه روئي وينو. سبب پڇڻ تي جواب ڏنائين ته انهيءَ دولت ۾ مان پنهنجي قوم جي زواليت ٿو ڏسان. سچ به ائين هو. شاندار ۽ تڪڙين فتحن جي ڪري عربن جون اهي سادگي محنت ۽ خود قرباني جون وصفون رفته رفته گم ٿي ويون جن جي ڪري شروعات ۾ هنن کي فتحون حاصل ٿيون.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# امام اعظم نمبر 3

جن بزرگن کان امام صاحب حديثون پڙهيون ۽ سکيون تن مان 29 ته فقط کوفي جا رهاڪو هئا ۽ انهن مان گهڻا تابعي هئا. انهن بزرگن جا نالا ۽ انهن جي علم ۽ زهد جو احوال طوالت سببان هت ڏيئي نٿو سگهجي، مگر ايترو لکجي ٿو ته انهن مان امام شعبي اهو بزرگ هو جنهن پهريائين پهريائين امام ابو حنيفه کي علم جي تحصيل جي رغبت ڏياري. انهن مان شعبي به وڏي درجي جو محدث هو. هن کي امام ابو حنيفه سان خاص دلچسپي هئي. غيبت ۾ به اکثر هن جي ذهن ۽ تيز فهميءَ جي تعريف ڪندو هو. هڪڙي ڀيري امام صاحب جو ذڪر نڪتو ته فرمايائين ته جهڙيءَ طرح مان ڄاڻان ٿو ته آفتاب روشن آهي اهڙي ئي يقين سان چئي ٿو سگهان ته علم ۾ ابو حنيفه همنشين آهن.

امام صاحب کي اگرچه هنن درسگاهن مان حديثن جو وڏو ذخيرو هٿ آيو، تڏهن به تڪميل جي سندَ حاصل ڪرڻ لاءِ حرمين شريفين ڏانهن وڃڻ جو ضرور ٿيو، جو ته اهي پاڪ جايون مذهبي علومن جو اصلي مرڪز هيون. جنهن زماني ۾ امام ابو حنيفه مڪي پهتو تنهن زماني ۾ اُتي درس ۽ تدريس جو نهايت زور هو. جن کي حديث جي فن ۾ ڪمال هو ۽ گهڻن اصحابن جي خدمت مان فيض ورتو تن استادن جا جدا جدا درسگاه قائم هئا. انهن مان عطاءِ بن ابي رباح جو حلقه سڀني کان زياده وسيع ۽ مستند هو. عطاءُ مشهور تابعي هو، گهڻن اصحابن جي خدمت ۾ رهيو هو ۽ انهن جي صحبت جي فيض مان اجتهاد جو رتبو حاصل ڪيو هئائين. مجتهدين صحابه هن جي علم جو اعتراف ڪندا هئا. خود حضرت عبدالله بن عمر، جو حضرت عمر فاروق رضي الله عنه جو فرزند رشيد ۽ صاحب افتاء هو اکثر فرمائيندو هو ته عطاءِ بن رباح جي هوندي ماڻهو مون ڏي ڇو ٿا اچن. وڏا وڏا حديثن جا امام سندس ئي حلقئه درس مان پڙهي استاد ٿيا.

امام ابو حنيفه سندس خدمت ۾ حاضر ٿيو. هن احتياط جي لحاظ کان ڪائنس عقيدو پڇيو. امام چيو ته مان وڏن کي برو ڪين ڪوٺيندو آهيان، گنهگار کي ڪافر ڪين سمجهندو آهيان ۽ قضا ۽ قدر جو قائل آهيان. عطاءَ اجازت ڏني ته بيشڪ حلقي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

درس ۾ شريڪ ٿيندو رهه. روز بروز امام ذهن جا اهڙا جوهر ظاهر ڪيا جو استاد وٽ وڏي عزت حاصل ڪيائين ايتري قدر جو جڏهن امام صاحب ايندو هو تڏهن هين کي هٽائي کيس پنهنجي پر ۾ وهاريندو هو.

عطاءَ ڪان سواءِ مڪ معظمہ ۾ ٻين محدثن، جن ڪان امام حديثن جي سند ورتي، انهن ۾ عڪرمہ جو ذڪر خصوصيت سان ڪري ٿو سگهجي. عڪرمہ حضرت عبدالله بن عباس جو غلام ۽ شاگرد هو. هن کيس تعليم ۽ تربيت نهايت توجہ ۽ ڪوشش سان ڏني هئي. عڪرمہ ٻين ٻہ گهڻن صحابين ڪان حديثون سکيون هيون. امام شعبي چوندو هو تہ قرآن جو ڄاڻندڙ عڪرمہ ڪان وڌيڪ ڪونہ رهيو آهي. سعيد بن جبير جو تابعين جو سردار هو تنهن ڪان ڪنهن شخص پڇيو تہ دنيا ۾ اوهان ڪان ڪو وڏو عالم آهي: فرمايائين تہ هائو عڪرمہ. مديني جو انهيءَ ئي زماني ۾ سنہ 102 هجري ڪان اڳي امام ابو حنيفہ هو. صحابہ ڪان پوءِ تابعين جي جماعت مان ست شخص فقہ حديث جي علم جا مرجع هئا. هنن جي درس جو سلسلو سيني اسلامي ملڪن ۾ پکڙجي ويو. هو سيئي هڪ ئي زماني ۾ رهندا هئا سي اڪثر گڏجي مجلس ڪري شرعي مسئلن جو فيصلو ڪندا هئا! امام ابو حنيفہ جڏهن مديني پهتو تڏهن انهن ستن مان باقي ٻہ شخص زنده هئا سليمان ۽ سالم بن عبدالله. ٻنهي بزرگن جي خدمت ۾ حاضر رهيو ۽ انهن ڪان حديثون سکيائين.

امام ابو حنيفہ جي طالب علمي جو سفر اگرچہ مديني تائين محدود رهيو مگر سکڻ جو سلسلو اخير زندگي تائين قائم رهيو. اڪثر حرمين ۾ ويندو هو ۽ مهينا اتي رهي پوندو هو. حج جي تقريب ۾ اسلامي ملڪن جي هرڪوشي مان وڏا وڏا اهل ڪمال مڪي ۾ اچي جمع ٿيندا هئا. جن جو مقصد حج سان گڏ فائدي ۽ فيض ڏيڻ وٺڻ جو بہ هو. امام صاحب اڪثر انهن بزرگن سان ملندو ۽ فيض وٺندو هو. هي زمانو اُهو هو جنهن ۾ امام صاحب جي ذهانت ۽ اجتهاد جي شهرت دور دور پهچي ويئي هئي. ايتري قدر جو ظاهر بينن هن کي قياس مشهور ڪري ڇڏيو هو. قياس انهي کي چئبو آهي جو قرآن ۽ حديث ڪان وڌيڪ پنهنجي عقل ڪان ڪم وٺجي.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# امام اعظم نمبر 4

انهن ڏينهن ۾ عبدالله بن مبارڪ، جو امام ابو حنيفه جو مشهور شاگرد هو، بيروت (شام جو مشهور شهر) ڏانهن ويو، انهيءَ لاءِ ته امام اوزاعي کان حديث جي فن جي تڪميل ڪري. پهرين ئي ملاقات ۾ اوزاعي ڪانئس پڇيو ته ڪوفي ۾ ابو حنيفه ڪهڙو شخص پيدا ٿيو آهي، جو دين ۾ نيون ڳالهيون ٿو ڪڍي. هن ڪجھ جواب نه ڏنو ۽ گهر هليو ويو. ٻن ٽن ڏينهن بعد وري ويو ته ڪجھ ڪاغذ پاڻ سان کڻي ويو. اوزاعي هن کان اُهي ڪاغذ ورتا. سرنامه تي لکيل هو، "قال نعمان بن ثابت دير تائين غور سان ڪاغذ ڏٺائين. پوءِ عبدالله کان پڇيائين ته نعمان ڪهڙو بزرگ شخص آهي. هن چيو ته عراق جو هڪ شيخ آهي، جنهن جي صحبت ۾ مان رهيو آهيان. فرمايائين ته وڏي پائي جو شخص آهي. عبدالله عرض ڪيو ته هي اُهوئي ابو حنيفه آهي، جنهن کي توهان بدعتي پي سڏيو. اوزاعي کي پنهنجي غلطيءَ تي افسوس ٿيو. حج جي ويجهائي ۾ مڪي ويو ته ابو حنيفه سان ملاقات ٿيس. ساڳين ئي مسئلن جو ذڪر نڪتو. اتفاقاً عبدالله ابن المبارڪ به اُتي موجود هو. اُن جو بيان آهي ته ابو حنيفه اهڙي سٺي تقرير ڪئي، جو اوزاعي حيران ٿي ويو. امام ابو حنيفه جي وڃڻ بعد مونکي چيائين ته هن شخص جي ڪماليت جي ڪري ماڻهو مٽس حسد ٿا ڪن، بي شبهه منهنجي بدگماني غلط هئي، جنهن تي مان افسوس ٿو ڪريان. تاريخ مان ثابت آهي ته امام ابو حنيفه جي حديث جي فن ۾ امام اوزاعي جي شاگردن تقليد ڪئي آهي.

حضرت امام باقر عليه السلام سان به اهڙو ئي واقعو پيش آيو. امام ابو حنيفه ٻئي ڀيري مديني ويو ته امام موصوف جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. سندس هڪ ساٿيءَ سڃاڻ ڪرائي ته هي ابو حنيفه آهي. پاڻ ابو حنيفه کي خطاب ڪري فرمايائون ته "هاڻ توهان قياس لڳائي، منهنجي ناني جي حديثن جي مخالفت ٿا ڪريو." ابو حنيفه نهايت ادب سان چيو عياذ باالله حديث جي مخالفت ڪير ٿو ڪري سگهي. توهان تشريف رکو ته ڪجھ عرض ڪيان. پوءِ هن طرح گفتگو هلي :-

ابو حنيفه: مرد ضعيف آهي يا عورت؟

امام باقر: عورت


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ابو حنيفه: وراثت ۾ عورت جو حصو زياده آهي يا مرد جو؟
امام باقر: مرد جو
ابو حنيفه: مان قياس لڳايان ها ته چوان ها ته عورت کي زياده حصو ڏيڻ گهرجي، ڇو ته ظاهري قياس ضعيف کي زياده ملڻ گهرجي
ابو حنيفه وري پڇيو ته نماز افضل آهي يا روزو
امام باقر: نماز
ابو حنيفه: انهيءَ مد نظر تي حيض واري عورت تي نماز جي قضا واجب هئڻ گهرجي نه روزه جي، حالانڪ مان روزه جي قضا جي فتويٰ تو ڏيان.

امام باقر ايتري قدر خوش ٿيا، جو اٿي سندس پيشانيءَ کي چميائون. ابو حنيفه ڪجهه مدت تائين استفاده جي غرض سان سندن خدمت ۾ حاضر رهيو، فقه ۽ حديث جي متعلق ڪيترين ئي عجيب ڳالهيون حاصل ڪيائين. شيعن ۽ سنين ٻنهي قبول ڪيو آهي ته امام ابو حنيفه جي معلومات جو وڏو ذخيرو حضرت ممدوح جي صحبت جو فيض هو. امام صاحب سندن فرزند رشيد حضرت جعفر صادق عليه السلام جي صحبت جي فيض مان به گهڻو فائدو ورتو. جنهن جو ذڪر عام طرح تاريخن ۾ ملي ٿو. ابن تيميه انهيءَ جو انڪار ڪيو آهي، هن سبب ڪري ته امام ابو حنيفه حضرت جعفر صادق جو همعصر ۽ همسر هو، تنهن ڪري سندن شاگردي ڇو اختيار ڪئي هوندائين. ليڪن هي ابن تيميه جي گستاخي آهي. امام ابو حنيفه ڪيڏو به مجتهد ۽ فقيه هجي، مگر فضل ۽ ڪمال ۾ هن کي حضرت جعفر صادق سان ڪيئن پيٽي سگهبو. حديث ۽ فقه بلڪ سڀ مذهبي علوم اهلبيت جي گهر مان نڪتا.


www.sindhsalamat.com
سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# امام اعظم نمبر 6

امام صاحب لاءِ سندس استادن جي ڪثرت (گهٽائي) ايتري قدر فخر جو باعث ناهي جيتري قدر سندس احتياط ۽ تحقيق فخر جو باعث آهي، جيڪائي حديث ٻڌندو هو تمام گهٽي خبرداريءَ ۽ جاچ جوچ ڪان پوءِ قبول ڪندو هو. هن ڪي خوب معلوم هو ته ڪا به روايت جيتري قدر ماڻهن هڪ ٻئي پنيان بيان ڪئي هوندي اوتري قدر ان ۾ ڦير گهير ٿي ويئي هوندي. اها ته سيڪنهن ڪي خبر آهي ته جا ڳالهه هڪڙي ماڻهو ٻڌي ٻئي سان ڪئي هوندي. انهيءَ وري ٽئينءَ ڪان سان ۽ ٽئين وري چوٿين سان ته ائين آخر پوئين جي ڳالهه پهرئينءَ ڪان گهٽي قدر متجي ٿي وڃي. مگر امام صاحب، جا استاد اڪثر تابعين هئا جن خود حضرت عي عليہ الصلوات والسلام جي اصحابن ڪان روايتون ٻڌيو هيون، يا ته سندس استاد اُهي هئا جي وڏن وڏن تابعين جي صحبت ۾ رهيا هئا جي علم، فضل، ديانت ۽ پرهيزگاري ۾ مشهور هئا. هن جي تعليم جو طريقو به ٻين طالب علمن ڪان الڳ هو. شروع ڪان ئي هن ڪي بحث ۽ اجتهاد جي عادت هئي ۽ دليلن ۾ هو استادن جي مخالفت جي به ڪجهه پرواه ڪين ڪندو هو. هڪڙي ڀيري حماد سان گڏ امام اعمش ڪي ملڻ لاءِ نڪتو. هلندي هلندي مغرب جو وقت اچي ويو. وضؤ جي واسطي پاڻيءَ جي تلاش ڪيائون مگر هٿ نه آيو. حماد تيمم ڪرڻ جي فتويٰ ڏني. امام مخالفت ڪئي ته جيستائين نماز جو وقت اجا آهي تيستائين انتظار ڪرڻ گهرجي. اتفاق اهڙو بنيو جو اتي هلندي پاڻي ملي ويو ۽ وضو ڪري نماز ادا ڪيائون. امام صاحب جي علمي ترقي جو هڪ وڏو سبب هي هو ته هن ڪي وڏن وڏن ڪمال وارن جي صحبت ميسر ٿي ۽ انهن شهرن ۾ هنجي رهڻ جو اتفاق يعني ڪوفي، بصري، مڪي ۽ مديني جي هوا مذهبي روايتن سان ڀريل هئي. عالمن سان ملڻ ۽ علمي جلسن ۾ شريڪ ٿيڻ جو شوق امام صاحب جي جسم ۾ قابو پئجي وِيو هو. تنهن ڪان سواءِ هن جي مشهوري ايتري حد تي پهتي هئي جو جتي ويندو هو اُتي ازخود هزارين ماڻهو وٽس استفادي، ملاقات ۽ مناظري لاءِ ايندا هئا. اگرچه حماد جي زندگي ۾ ئي امام صاحب اجتهاد جو رتبو حاصل ڪيو، عمر به ڪا ننڍي ڪانه هيس يعني حماد جي وفات وقت اٽڪل 40 ورهين جو هو ته به شاگرديءَ جي خلوص



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

جي ڪري پسند نہ ڪيائين تہ پنهنجي استاد جي هوندي پنهنجي درٻار الڳ ڄمايان. اڳئين زماني ۾ استادن سان جيڪو شاگردن جي محبت ۽ ادب جو تعلق هوندو هو سو اڄوڪي زماني جي ماڻهن ڪي خيال ۾ بہ ڪين ايندو.

خود امام صاحب نقل ڪيو آهي تہ جيستائين حماد جيئرو هو تيستائين مون سندس مڪان جي طرف پير نہ ڦيرايا. حماد سنہ 120 هجري ۾ وفات ڪئي. جيئن تہ ابراهيم نخعي کان پوءِ فقہ جو مدار مٿس ئي هو تنهن ڪري سندس وفات ڪوفي کي بي چراغ ڪري ڇڏيو. ماڻهن سندس پٽ کي مسند تي وهاريو مگر هو لغت ۽ ادب جي طرف وڌيڪ مائل هو. آخر سندس شاگرد موسيٰ بن ڪثير جو عمر ۾ سيني شاگردن کان وڏو هو تنهن سندس جڳہ ورتي. مگر جڏهن هو حج تي ويو تڏهن سيني ماڻهن متفق ٿي امام ابو حنيفہ کي درخواست ڪئي تہ درس جي مسند کي مشرف فرمائي. امام صاحب ايڏي ذمہ داري کڻڻ کان انڪار ڪيو، مگر جڏهن ماڻهن تمام گهڻو زور پريس تڏهن لاچار قبول ڪرڻو پيس. بهرحال امام صاحب استقلال سان تعليم جو ڪم شروع ڪيو. اول اول حماد جا پراڻا شاگرد درس ۾ شريڪ ٿيندا هئا، مگر ٿورن ئي ڏينهن ۾ سندس اهڙي مشهوري ٿي جو ڪوفي جا اڪثر درسگاهہ ٽٽي سندس استادي جي حلقي ۾ آيا. نوبت اُتي اچي پهتي جو خود سندس استاد مثلن مسعربن ڪدام امام اعمش وغيره هن وٽ فائدو وٺڻ لاءِ اچڻ لڳا، ۽ ٻين کي بہ وٽس تعليم وٺڻ لاءِ صلاح ڏيڻ لڳا. اسپين کان سواءِ ٻيو اسلامي دنيا جو حصو ڪو نہ هو جو سندس شاگردي جي تعلق کان آزاد رهيو. جن جن شهرن ۽ ملڪن جا شاگرد سندس خذمت ۾ آيا تن جو شمار ڪري نٿو سگهجي مگر جن ضلعن ۽ ملڪن جو نالو خصوصيت سان ورتو ويو آهي سي هي آهن: مڪہ - مدينہ - دمشق - بصره - واسط - موصل - جزيره - رقہ نصيبين - رملہ - مصر - يمن - يمامہ - بحرين - بغداد - اهواز - ڪرمان - اصفهان - حلوان - استراباد - همدان - نهاوند - ري - قوس - وامغان طبرستان - جرجان - نيشاپور - سرخس - سنا - بخارا - سمر قند - ڪس - صنعانيان - ترمذ - هرات - هنستار - الزام - خوارزم - سيستان - مداين - مصيصتہ - حمص - مطلب تہ سندس - استادي جو حدون اهي ئي هيون جي وقت جي خليفي جي حڪومت جون هيون.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# ايمان ۽ عمل

مسلمان اُنهي کي ٿو ڪوٺجي جو ڪلمي شريف تي ويساهه ٿو آڻي. مگر در حقيقت مسلمان اُهو آهي جو پورو پورو الله تعاليٰ جو فرمانبردار هجي ۽ پوريءَ طرح تسليم ڪري. خير اسان انهيءَ اونهي معنيٰ کي ڇڏي فقط رواجي معنيٰ جو ذڪر ٿا ڪريون.

رواجي طور به مسلمان اُهو آهي جو سورهن آنا يقين سان ڪلمي شريف تي ايمان آڻي. پر ايمان ڇا آهي ۽ ڪلمون شريف ڇا آهي؟ ايمان آهي اقرار بالسان وتصديق بالقلب يعني زبان سان اقرار ڪرڻ ۽ سچي دل سان قبول ڪرڻ. اڪثر مسلمان سمجهن ٿا ته پاڻ کي مسلمان سڏايو سين ته بس مسلمان ٿياسين. پر ايئن نه آهي. اسان کي مسلمان يا مؤمن ٿيڻ لاءِ هن ڳالهه جو اقرار ڪرڻو آهي ته لا الٰہ الاالله محمد رسول الله. ڪنهن به ڳالهه جو اقرار تڏهن ڪبو آهي جڏهن اُها ڳالهه پوريءَ طرح سمجهبي آهي. سمجهڻ کان سواءِ اقرار هرگز ڪين ٿو ٿي سگهي. تنهن ڪري مسلمان ٿيڻ لاءِ ڪلمي شريف جي معنيٰ ضرور سکجي ۽ پوءِ زبان سان به اقرار ڪجي ۽ دل سان به قبول ڪجي. هاڻي ٻڌندو ته انهيءَ ڪلمي شريف ۾ ڇا ڇيل آهي. ”لا الٰہ الا الله“ جي معنيٰ پاڻ حضرت ﷺ هن طرح سيڪاري آهي: لا معبود لي لا مقصود لي ولا مطلوب لي الا الله يعني منهنجي لاءِ الله تبارڪ تعاليٰ کان سواءِ ٻيو ڪو معبود ڪونهي جنهن جي پانهپ ڪيان، ڪو مقصود ڪونهي جنهنجو قصد ڪيان ۽ ڪو مطلوب ڪونهي جنهنجي طلب رکان. انهيءَ معنيٰ موجب اسان کي ڪنهن به انسان جي مرضي يا حڪم تي به نه هلڻ گهرجي جيڪڏهن اها مرضي يا حڪم الله تعاليٰ جي حڪمن جي خلاف آهي. اهڙي طرح دنيا ۽ دنيا جي نعمتن جي طلب ڪرڻ به ناجائز ناهي مگر انهن ۾ به الله تعاليٰ جي حڪمن جو لحاظ ضرور رکڻو آهي. مطلب ته اسان کي دنيا ۾ هر امر ۾، هر لفظ ۾ هر عمل ۾ الله تعاليٰ جي حڪمن جي فرمانبرداري ۽ سندس راضپي حاصل ڪرڻ جو خيال رکڻو آهي، جنهن ۾ اسان جو ئي فائدو آهي ڇو ته الله تعاليٰ جا سڀ حڪم اسان جي بهتريءَ ۽ آسودگيءَ لاءِ ٺهرايل آهن. خدا جا حڪم احڪام ڪهڙا آهن تنهنجو جواب ڪلمي شريف جي ٻئي ڀاڱي ۾



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

ڏنل آهي. ”محمد الرسول اللهﷺ“ انهيءَ جي معنيٰ آهي تہ آنحضرت ﷺ الله تعاليٰ جا موڪليل يا پيغام پهچائيندڙ آهن. اُهو پيغام اُهو رسالو يا خط ڪهڙو آهي. رسول الله ﷺ جن الله تعاليٰ وٽان آڻي، اسان کي پهچايو، پڙهي ٻڌايو ۽ سمجهايو؛ اُهو آهي قرآن مجيد. انهي ڪتاب مجيد ۾ الله تعاليٰ پنهنجا حڪم ۽ هدايتون بيان ڪيون آهن. حڪم ۽ هدايتون طوطي وانگر پڙهڻ واسطي موڪليون آهن ڇا؟ نہ هر گز نہ؛ اهي تہ عمل ڪرڻ واسطي موڪليون آهن. الله تعاليٰ قرآن شريف جي شروعات ۾ ئي ٿو فرمائي تہ هي ڪتاب هدايت آهي متقين جي واسطي.

هاڻي ڪلمي شريف جي معنيٰ ڏني سين. جيڪو شخص اُن کي پوري طرح سمجهي اُن تي سورهن آنا يقين سان ايمان آڻيندو سو مسلمان آهي نہ تہ نہ. تنهن ڪري گهرجي تہ ڪلمي شريف جي معنيٰ چڱي طرح سکي پوءِ زبان سان بہ اقرار ڪيون ۽ دل سان هنداِئي سچائي سان بہ قبول ڪيون. دل جي سچائي جي معلوميت فقط الله تعاليٰ کي آهي، ڪي ماڻهو رڳو زبان سان اقرار ڪندا آهن مگر در حقيقت هنن جي دل قبول ڪين ڪندي آهي. اهڙن ماڻهن کي منافق چئبو آهي. مگر دل جي سچائي جي آزمائش عملن سان ڪري سگهجي ٿي. جو شخص بنا شرم ۽ بنا پشيماني جي گناهن ۾ غلطان رهندو سو سمجهبو تہ دل جي سچائيءَ سان مسلمان ٿيل ناهي. هڪ حديث شريف ۾ مؤمن جي سڃاڻڻ جي نشاني هن طرح بيان ڪيل آهي تہ مؤمن اهو آهي جنهن کان ڪڏهن ڪو گناهہ جو ڪم ٿي وڃي تہ هن کي سخت پشيماني ۽ افسوس ٿئي ۽ جيڪڏهن ڪو چڱو ڪم ڪري تہ سندس دل کي خوشي ٿئي. اها بہ چِتائي ٿيل آهي تہ بهشت ۾ اهو ويندو جنهن جا اخلاق چڱا آهن. قرآن شريف ۾ بار بار ڏيکاريل آهي تہ ڪامياب اُهي ٿيندا ۽ بهشت ۾ اُهي ويندا جي ايمان بہ آڻيندا ۽ عمل بہ چڱا ڪندا. آمنو وعملو الصالحات جا الفاظ قرآن شريف ۾ ڪيترن ئي هنڌن تي گڏ آيل آهن.

اڄوڪي زماني جا مسلمان بي حياءُ ٿي گناهن ۾ غلطان ٿا رهن سو انهيءَ ڪري جو هنن کي اسلام تي پورو يقين ڪونهي. مثلن اسان باهہ ۾ هٿ انهيءَ ڪري نٿا وجهون جو اسان کي يقين آهي تہ هٿ سڙندو ۽ عذاب ٿيندو. اسان کي دنيا ئي حڪيمن تي ويساهہ ايندو آهي جو هنن جي چوڻ تي لڳي ڪوڙيون دوائون وٺندا آهيون، مگر افسوس! الله تعاليٰ جو حڪيمن جو حڪيم آهي تنهن جي هدايتن تي اسان کي يقين ڪونهي. الله تعاليٰ جي هدايتن تي نہ هلڻ ڪري اسان جا ڏاڍا برا حال ٿيا آهن. هزارين آفتون ۽ مصيبتون اچي رهيون آهن ۽ اها حالت آهي تہ اجا گهٽيون اينديون.

اسان مٿي ڏيکاريو آهي تہ مسلمان ٿيڻ لاءِ ايمان ۽ عمل ٻنهي جي ضرورت آهي، بلڪ جنهنجو ايمان يقيني آهي سو هرگز بد عمل ڪين ڪندو. عملن جي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

ضرورت ثابت ڪرڻ لاءِ قرآن شريف کولي پڙهو. هر هڪ صفحو گواه آهي. اسان هتي قرآن شريف جون چونديل آيتون پيش ڪو نہ ٿا ڪريون، فقط قرآن شريف جي منڍ يعني الحمد شريف ۾ سورت بقر جي پهرين رڪوع جي معنيٰ ٿا ڏيون:-

## قرآن شريف

سورت فاتحہ هڪ دعا آهي جا قرآن شريف جي شروع ڪرڻ کان اڳي رکي ويئي آهي. اها قرآن شريف جو مغز آهي يا چئجي تہ سڄو قرآن شريف اُن ۾ سمايل آهي. قرآن شريف جي شروعات المٓ کان ٿي ٿئي.

**بسم الله الرحمن الرحيم**

سانڻ نالي الله جي جو ڪامل رحم وارو نهايت مهربان آهي: الله تعاليٰ اهڙو رحمٰن آهي جو سڀ ڪنهن انسان توڙي حيوان ڪافر توڙي مسلمان نيڪ توڙي گنهگار لاءِ هزارين نعمتون، ان، ميوا، پاڇيون وغيره موجود ڪري ڇڏيون اٿس. خود قرآن شريف جي نعمت نٿا ماڻين. جي شخص اها نعمت ڪم ٿا آڻين ۽ اُن تي عمل ٿا ڪن تن لاءِ الله تعاليٰ اهڙو رحيم آهي جو هر هڪ عمل لاءِ 70 دفعا بلڪ 700 دفعا وڌيڪ عيوضو ٿو ڏئي. هنن الفاظن ۾ رحمٰن ۽ رحيم جي معنيٰ اچي ٿي وڃي.

**الحمد الله-** ڪل تعريف الله تعاليٰ جي

**رب العالمين-** جو خلقيندڙ پاليندڙ ۽ ترقي ڏيندڙ آهي سيني جهانن، شين، حيوانن ۽ انسانن جو.

**الرحمٰن الرحيم-** جو ڪامل رحمت وارو ۽ نهايت مهربان آهي.

**مٰلڪ يوم الدين-** مالڪ آهي قيامت جي ڏينهن جو

**اياڪ نعبد-** فقط تنهنجي ٻانهپ ٿا ڪيون

**واياڪ نستعين-** ۽ فقط تنهنجي مدد ٿا گهرون

(نوٽ - قبرون ۽ پيرن فقيرن کان مدد گهرڻ شرڪ آهي)

**اهدنا الصراط المستقيم-** (اي رب سائين) ڏيکار اسانکي رستو: سڌو رستو انهن جو جن تي تو نعمتون ڪيون (يعني پيغمبرن ۽ ٻلارن وارو رستو ڏيکار)

**غير المغضوب عليهم والضالين-** نہ انهن جو رستو جن تي تنهنجو غضب نازل ٿيو ۽ نہ انهن جو جي گمراه ٿيا

**آمين-** شال اها دعا قبول پوي

مٿئين سورت فاتحہ ۾ اها دعا گهري ويئي تہ اي رب سائين! اسان کي سڌو رستو ڏيکار. الله تعاليٰ انهيءَ دعا جي جواب ۾ قرآن شريف جي شروعات ۾ ئي هدايت ٿو ڪري يعني سڌو رستو ٿو ڏيکاري، ۽ فرمائي ٿو تہ هي قرآن شريف هدايت اٿو.

ڏسو ڇا ٿو فرمائي :-



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

**بسم الله الرحمن الرحيم**

**الم ذالک الکتاب** -هي ڪتابُ ناهي شڪ منجهس

**لاريب فيہ هدي للمتقين** هدايت آهي تقويٰ وارن واسطي

**الذين يؤمنون بالغيب** جي ايمان ٿا آڻين غيب ۾ يعني الله تعاليٰ ۽ ملائڪن ۾

**ويقيمون الصلوات** ۽ جي قائم رکن ٿا نماز کي

**ومما رزقنا هم ينفقون**- ۽ جيڪي مون کين ڏنو آهي تنهن کي خرچ ٿا ڪن

(نوٽ هي الفاظ بلڪل جامع آهن. الله تعاليٰ اسان کي عقل، زبان، هٿ ڏن وغيره ڏنو آهي. انهن کي ڪم آڻي انهن سان ٻين جو فائدو ڪرڻ گهرجي. عقل سان ٻين کي نيڪ صلاح ڏجي، زبان سان مٺو محبت پريو ڳالهائجي، هٿن سان ٻين جو ڪم ڪجي ۽ ڌن سان مسڪينن گهرج وارن جي مدد ڪجي.)

**والذين يومنون بما انزل اليک** ۽ جي ايمان آڻين اُن تي جو تو تي نازل ڪيو ويو آهي يعني قرآن شريف

**وما انزل من قبلک**- ۽ اُن تي جو نازل ڪيو ويو توکان اڳي يعني اڳين پيغمبرن تي لٿل ڪتاب

**وبا لا خرت هم يوقنون**- ۽ آخرت ۾ يقين ٿا رکن

(نوٽ اڄوڪن مسلمانن کي آخرت ۾ يقيني ويساه ڪونهي نہ تہ جيڪر ائين بيخوف ٿي گناهن ۾ ڪاهي ڪين پون)

**اولائک هم المفلحون**- ۽ اهي ئي ڪامياب ٿيندا فائدو وٺندا ۽ دنيا ۽ آخرت جي سعادت ماڻيندا

ڏسو ڀريائين تہ الله تعاليٰ فرمايو تہ هي قرآن شريف اٿو هدايت پوءِ وري ٿورڙن لفظن ۾ مکيہ هدايت بہ ڪري ڇڏيائين. فرمائي ٿو تہ هدايت تي هلندڙ اُهي آهن جي

(1) الله تعاليٰ ۽ ملائڪن ۾ ايمان ٿا آڻين

(2) نماز کي قائم ٿا رکن

(3) سخاوت يا ٻين سان ڀلايون ٿا ڪن

(4) وحي ۾ ايمان ٿا آڻين

(5) آخرت ۾ يقين ٿا رکن

هي اسلام جا مکيہ پنج اصول قرآن شريف جي شروعات ۾ ئي بيان ڪري ڇڏيل آهن. ڏسو هنن بنيادي اصولن ۾ ايمان بہ اچي ٿو وڃي ۽ عمل بہ اچي ٿو وڃي. پهريون چوٿون ۽ پنجون ايمان جا اصول آهن ۽ ٻيو ۽ ٽيون عملي اصول آهن. بلڪ ايمان جا اصول بہ عمل واسطي سيکاريا ويا آهن ۽ مقرر ڪيا ويا آهن. مثلن آخرت نہ هجي يا ماڻهن جو آخرت ۾ ويساه بلڪل ڪو نہ هجي تہ هو بي ڊپا ٿي جيئن وڻندن تيئن ڪندا،


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

۽ دنيا ۾ فساد ڪاهي پوندو. ڏسو دنيا ۾ به ماڻهن کي ڏوهن کان روڪڻ لاءِ (1) قاعدن ٺاهڻ واري سرڪار (2) قاعدا ۽ (3) سزا ڏيڻ واريون ڪورٽون آهن. اهڙيءَ طرح گناهن روڪڻ لاءِ (1) خدا جي سرڪار (2) قرآن شريف جا حڪم (3) سزا ڏيڻ لاءِ قيامت جو ڏينهن آهن. اهي ٽيئي بيشڪ آهن مگر جاهل نه ٿا ڄاڻن. جيڪي انهن ۾ يقين ٿا رکن سي گناهن کان پري ٿا ڀڄن ۽ جي يقين نٿا رکن سي بي شرم ٿي فسادن ۾ ڪاهي ٿا پون. قيامت جي ڏينهن پاڇي سڌ پوندن.

(نوٽ - ڏاڍو چڱو ٿئي جيڪڏهن هن مضمون ۽ اڳئين مضمون جون تعليمات ٽريننگ ڪلاسن ۾ آخوند کي هر روز دنيوي تعليم کان 5 منٽ اڳي سيکارجن ۽ آخوندن وري پنهنجن مڪتبن ۾ سيکارين ۽ اُن سان گڏ ”قل هو الله“ جي معني به سيکارجي)


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

# ديني ڪتابن جي ضرورت

اسان سنڌ جي مسلمانن جي اخلاقي حالت نهايت ئي خراب ٿي ويئي آهي. بد اخلاقيءَ جو نتيجو بربادي آهي. اسانجي قوم ڪيتري قدر بد اخلاق ۽ مصبيتن ۾ مبتلا آهي تنهن جو اندازو سيڪوئي عاقل بيدار چشم سولائي سان ڪري سگهندو. اسان جي سڌاري ۽ ترقيءَ لاءِ سيني ڪان وڌيڪ ڪارگر ۽ اڻ گس اُپاءُ آهي ديني علم. جن ڪي اسلام جي تعليمات جي واقفيت ڪانهي تن ڪي شايد هي خيال ذهن ۾ ڪين ويهي سگهندو. ڇو ته جاهل ملن فقط نماز، روزي ۽ ٻاهرئين ڏيک ويک تي اسلام ڪي محدود رکيو آهي. مگر قرآن شريف ۽ حديثون معنيٰ سان پڙهي ڏسندو ته توهان ڪي يقين ٿيندو ته اسلام جو مقصد ئي آهي نيڪ اخلاق پيدا ڪرڻ ۽ دنيا ۽ آخرت جي سعادت حاصل ڪرائڻ. ديني علم پکيڙڻ لاءِ سڀ ڪان سولو اپاءُ اهو آهي ته سليس سنڌي زبان ۾ ننڍڙا ننڍڙا ديني ڪتاب ڇپائڻ گهرجن. اهڙن ڪتابن لکڻ لاءِ سنڌ ۾ گهڻائي لائق عالم آهن. مگر مشڪل اهو آهي ته مسلمانن ڪي اجا اهڙن ڪتابن ڏي توجه نه ٿيو آهي. خريدارن ڪان سواءِ ويچارا مصنف نقصان هيٺ ٿا اچن. سنڌ جي مسلمانن ڪي جيڪڏهن ٿورو گهڻو ڪتابن پڙهڻ جو شوق آهي ته فقط اهڙن ڪتابن جو جهڙوڪ چار درويش حاتم طائي، گل بڪاولي، ممتاز دمساز وغيره وغيره جن ۾ رڳو جنن، ديون، پرين ۽ طلسمات جا قصا آهن جن مان نه دنيائي فائدو نه ديني، اٽلندو نقصان.

ارمان جي ڳالهه آهي جو جيڪي شخص علم ۽ دولت وارا آهن سي ڪتابن لکندڙن جي مدد ته ڪا نه ٿا ڪن پر رڳو سندن ڪتاب خريد به نه ٿا ڪن، اٽلندو ڪانئڻ مفت ۾ ڪتاب گهري ٿا وٺن. تاريخ ڇاڻندڙن ڪي معلوم هوندو ته اڳين وقتن ۾ جڏهن ڪتابن جا خريدار ڪو نه هوندا هئا تڏهن امير ۽ بادشاهه مصنفن ۽ شاعرن ڪي پگهارون مقرر ڪري ڏيندا هئا جنهن ڪري هو گذران جي تنگيءَ ڪان آجا ٿي علم پڙهڻ ۽ ڪتابن لکڻ ۾ مشغول رهندا هئا، ۽ هر هڪ ڪتاب لاءِ ڪين جدا انعام اڪرام ڏيندا هئا. انهن اميرن ۽ بادشاهن جا نالا به انهن ڪتابن جي وسيلي اڄ تائين دنيا ۾ مشهور آهن. فقط اهڙن اميرن ۽ بادشاهن جي ڪري ئي دنيا ۾ علم وڏيو ۽ هنر


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

جاري ٿيا. نہ تہ اڳي ماڻهو جهنگلي حالت ۾ هوندا هئا. جڏهن ڇا پخانا جاري ٿيا ۽ خريدار گهڻا ٿيڻ لڳا تڏهن اميرن جي مدد جي ضرورت ڪانہ رهي. اٽڪل هڪ صديءَ ڪان وٺي مصنفن کي هر هڪ چڱي ڪتاب تي لکين رپيا فائدو ٿو ٿئي. مگر اسانجي سنڌ جي مسلمانن جي اهڙي حالت آهي جو نڪي خريدارئي آهن ۽ نڪي زميندارن، سيٺين ۽ آفيسرن جي مدد ٿي ملي. اهوئي سبب آهي جو سنڌيءَ ۾ اسلام ۽ اسلامي تاريخ جا ڪتاب فقط ٻہ ٽي آهن، ۽ اهو ئي سبب آهي جو اسان جي حالت دردناڪ آهي. اڙدو ۾ هزارين ڪتاب ڇپجي ويا آهن ۽ اڃا بہ پيا ڇپجن. اڙدو ڪتابن جا خريدار اگرچہ هزارين آهن تہ بہ مولانا شبلي کي حيدرآباد دکن جي نظام ۽ ڀوپال جي راڻيءَ کان هزارن رپين ۽ ڪتابن جي مدد ملندي هئي.

ڪتاب لکڻ ۽ ڇپائڻ ڪا سولي ڳالھ ڪانهي.

1. ڀهريائين تہ سوين ڪتاب خريد ڪري پڙهڻا ٿا پون، ۽ پوءِ ڪتاب لکڻ مهل اُهي ڪتاب وري وري کولي ٿا ڏسجن
2. مضمون ناهڻ جو ڪم وري اهڙو ڏکيو آهي جو هڪ ڪلاڪ بعد مغز کي چڪر اچيو وڃي، اشتها هليو وڃي ۽ هاضمي جي طاقت گهٽجيو وڃي. مطلب تہ ڪتاب پنهنجي خون سان ٿا لکجن.
3. ٻہ ٽي ڀيرا تہ ڪتاب کي درست ٿو ڪجي. ۽ درستين بعد انکي نقل ڪري وري صاف اکرن ۾ ٿو لکجي.
4. تنهن کان پوءِ ٻين عالمن کان درستيون ڪرائي وري ٻيهر نقل ڪرڻو ٿو پوي.
5. ان کي ڇپائڻ لاءِ پنهنجو ڪيسو خالي ڪرڻو ٿو پوي. اڄ ڪلھ پنن جي ڇپائي جو خرچ ٽيڻ بلڪ چئوڻ آهي. ننڍڙي 75 صفحن واري ڪتاب جا ٻہ هزار جلد ٿا ڇپائجن تہ 500 رپين کان بہ وڌيڪ خرچ اچيو وڃي. تنهن کان پوءِ وري ڪيترائي جلد مفت ۾ ورهائي ٿا ڏجن انهيءَ لاءِ تہ ڪتابن جي مشهوري ٿئي ۽ مدد ملي. مگر افسوس جو جن کي مفت ۾ ڪتاب ٿا ملن تن کي مدد جو خيال بہ مغز ۾ ڪو نہ ٿو اچي تنهن کان سواءِ اشتهارن تي خرچ ڪرڻو ٿو پوي. پوءِ بہ خريدار نهن ئي ڪو نہ، ۽ ڪتابن کي اڌوهي کايو وڃي. ويچاري مصنف جي تڪليف تہ چٽ پر خرچ ڪيل پيسا بہ برباد. جيڪڏهن انهن پيسن مان ڪو زمين جو ٽڪر خريد ڪري تہ جيڪر بنا تڪليف چڱي پيدائش پيو ڪٽي. سچ آهي تہ اڪثر مصنف پنهنجي فائدي واسطي ڪتاب ڪو نہ ٿا لکن. پر قوم جي سڌاري واسطي ٿا لکن. پر گهڻا مصنف مسڪين آهن، هو ايترا پيسا آڻين ڪٿان؟ تنهن کان سواءِ جيڪڏهن ڪتابن جا خريدار ڪو نہ ٿيندا ۽ ڪتاب وٽن ئي پيا هوندا تہ قوم کي فائدو وري ڪيئن ٿيندو؟

تنهنڪري علم ۽ دولت وارن تي فرض آهي تہ چڱن مصنفن جي هر طرح


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

حوصلہ افزائي ڪن. هو ماڻهن کي چڱن ڪتابن جي خبر ڏين ۽ ڪين انهن ڪتابن جي گهرائڻ جي هدايت ڪن. دولت وارن کي گهرجي تہ گهڻا ڪتاب گهرائي غريبن مسڪينن کي ورهائي ڏين. جن کي اڳين اميرن وانگر دنيا ۾ ناموس ۽ آخرت ۾ ثواب حاصل ڪرڻو هجي سي چڱن مصنفن کي پيسن جي مدد ڪن. في الحال سنڌيءَ ۾ چڱا ديني ڪتاب هي ڇپيل آهن:- مولوي فتح محمد صاحب جو حيات النبي قيمت 2 رپيا، اخلاق محمدي قيمت ڏيڍ رپيو، مرزا قليچ بيگ صاحب جا اسلامي ڪتاب (اهي سڀ الحق پريس سکر مان ملي سگهندا) ۽ مسٽر علي خان صاحب جا ننڍا ڪتاب حالات نبوي قيمت 8 آنا، احاديث نبوي قيمت 5 آنا، تعليمات اسلام ڇهہ آنا ۽ رسومات تباهي قيمت 4 آنا. اهي پويان چار ڪتاب سيد منڻ شاه وٽان حيدرآباد مان ملي سگهندا.


www.sindhsalamat.com
سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# حصو ٽيون

# تعليم ۽ تدريس



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# ابتدائي تعليم جي حالت

اڪثر ڏسجي پيو تہ رواجي اسڪولن ۾ اٽڪل 25 شاگرد ٻاراڻ ڪلاس ۾، 8 پهرئين درجي ۾، 5 ٻئي ۾، 3 يا 2 يا هڪ مٿين ڪلاسن ۾ آهن. يعني جن اسڪولن ۾ 40 يا 45 شاگرد آهن ۽ 2 ماستر پيا ڪم ڪن، تن اسڪولن مان هر سال 2 يا 3 يا گهٽي ۾ گهٽ 4 شاگرد چوٿون درجو پاس ٿا ڪن. هي خيال عام طرح مقبول آهي تہ جيڪڏهن ڪو شاگرد چوٿون درجو پاس ڪرڻ ڪان اڳي ئي اسڪول ڇڏي ويو تہ هو جڻ پڙهيوئي ڪين، ڇو تہ هنن کي لکڻ پڙهڻ جلد وسري ويندو. تنهنڪري اهڙا اسڪول ڄڻ گويا هر سال فقط ٻن يا ٽن شاگردن کي تعليم يافتہ ڪن ٿا، جا بلڪل ارمان جي ڳالهہ آهي پر در حقيقت تعليم اهڙي ناقص آهي، جو جيڪي شاگرد چوٿون درجو يا ڪو مٿيون درجو بلڪ ورنيڪيولر فائنل پاس ٿا ڪن، تن کي بہ تعليم يافتہ سڏڻ چوڪ آهي. هو لکڻ پڙهڻ ۾ ليڪو چوڪو سکن ٿا پر ان جو ڪو فائدو ڪون ٿا وٺي سگهن. ڇو تہ تعليم اهڙي طوطي واري آهي، جو نڪا واقفيت ۽ علم حاصل ٿو ٿئي، نڪي وڏيڪ علم پرائڻ جو شوق پيدا ٿو ٿئي، نڪي دماغ ٿو وڌي ۽ نڪي دل ٿي سڌري. اهڙن اسڪولن تي ساليانو خرچ اٽڪل 1200 رپيا ٿو ٿئي. جو خرچ عام خيال موجب هر سال 3 يا 4 شاگردن کي تعليم يافتہ بنائي ٿو، مگر درحقيقت تعليم يافتہ ڪون ٿو بنائي. اهڙا اسڪول بند ڪرڻ جهڙا آهن.

تعليم جو سڄو مدار ماسترن تي آهي. جيڪڏهن ماستر پاڻ علم وارا هجن ۽ علم سان شوق رکندڙ هجن. ڪتاب ۽ اخبارون معالع ڪندڙ هجن تہ چڱا معلم ٿي سگهندا بشرطيڪ منجهن شرافت ۽ محنت جا گڻ بہ هوندا.

ماسترن کي گهرجي تہ سڄو زور ٻاراڻي ڪلاس تي لڳائين. اڪثر ڏسجي ٿو تہ اٽڪل 25 شاگردن مان 8 ڪن شاگردن کي امتحان لاءِ تيار ڪيو وڃي ٿو ۽ ٻين کي رڳو الف ب الف ب چورائي ٿي وڃي. ڏاڍي عجب جي ڳالهہ آهي جو ماستر سرڪاري خرچ تي ٽريننگ ڪاليج ۾ تعليم وٺي ٿا اچن ۽ پوءِ وڏيڪ پگهارن کڻڻ جا حقدار ٿا ٿين، پر جيڪي رستا پڙهائي جا ٽريننگ ڪاليج ۾ سکن ٿا، سي اتي ئي ڦٽي ڪري ٿا اچن. جيڪڏهن سڪيل اصولن تي تعليم ڏين تہ ٻارن کي 9 مهينن جي عرصي ۾


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

ٻاراڻو ڪلاس پاس ڪرائي سگهن. مگر هاڻي چا تو ٿئي جو 6 مهينا تہ ٻار رڳو 52 اکرن پڙهڻ ۾ تا لڳائين ۽ گهڻا ٻار ڏيڍ ورهيہ ۾ مس تا ٻاراڻو ڪتاب پورو ڪن. ماسترن کي گهرجي تہ سالياني امتحان بعد ڪوشش ڪري 3 مهينن جي اندر نوان ٻار ٻاراڻي ڪلاس ۾ داخل ڪن ۽ اڳين خواه انهن کي سالياني امتحان لاءِ تيار ڪن ۽ جي شاگرد ٽن مهينن بعد داخل ٿين، تن تي بہ پوري پوري محنت وٺڻ گهرجي جئين انهن مان بہ ڪي ذهين شاگرد تيار ڪري وجهجن. پر اگرچہ تيار نہ ٿي سگهن تہ بہ انهن جي تعليم تي بہ پورو ڌيان ڏيندو رهجي. ائين ڪرڻ سان گهٽو ڪري 25 ٻارن مان 15 يا 20 سالياني امتحان وقت پاس ڪرائي سگهبا، جن مان ڪم از ڪم 10 يا 12 مٿي چڙهندي وجي چوٿون درجو پاس ڪندا. ٻاراڻي ڪلاس جي ترقي ۽ بهبودي لاءِ بنيادي ڪلاس آهي، تنهن ڪري ان ڪلاسن تي جيترو ڌيان ڏجي اوترو ٿورو آهي.

ٻاراڻي ڪتاب پاڙهڻ جي شروعات هن طرح ڪرڻ گهرجي. پهريائين پٽيءَ تي جزا ڪيڻ ۽ آوازن ڪيائڻ جو استعمال ڪرائجي. مثلن ٽوپي ۾ بہ آواز آهن هڪ ٽو ٻيو پي. ڪتاب ۾ 3 آواز آهن هڪ ڪ ٻيو تا ٽيون ب. وري آواز ڏجن تن کي گڏي لفظ ٺاهڻ جو استعمال ڪرائجي. اهڙو استعمال 10 ڏينهن ڪن ڪرائجي. پوءِ پهريون سبق شروع ڪرائجي. پوءِ اکِ لفظن مان اَ جو آواز ڪيائي پوءِ ڏيکارجي تہ اَ ڪهڙي طرح لکبو آهي. پوءِ ٻار بہ اَ لکن. ساڳي طرح اِ اُ آ بَ بُ قِ بُ با جا آواز ڪيائي سڃاڻڻ ۽ لکڻ جو ايترو استعمال ڪرائجي، جو انهن مان ڪو بہ چڱي طرح سڃاڻي ۽ لکي وجن. ائين ڪرڻ بعد ڪو بہ لفظ جو انهن آوازن مان ٺاهي سگهبو، سو ازخود لکي ۽ پڙهي ويندا مثلن ابا - باب - آب وغيره. پوءِ ٻيو سبق شروع ٿو ڪجي ۽ الف ۽ ب اکرن جا نالا ٻڌائجن. پوءِ ب جو اکر ڪيائي ان سان بہ چارئي آواز شامل ڪجن. اهڙي طرح پ ۽ پ سان بہ. پوءِ انهن سان جيڪي لفظ ٺاهي سگهجن، تن جي پڙهڻ ۽ لکڻ جو استعمال ڪرائجي. سڄو ٻاراڻو ڪتاب انهيءَ اصول تي رٿيل آهي. اها ڳالهہ وري بہ ياد رکڻ گهرجي تہ لفظ شاگرد پاڻ پڙهي ۽ لکي وجن. مثلن شاگرد جيڪڏهن پ ۽ ت لکڻ ۽ سڃاڻڻ سکيا آهن ۽ آوازن جو استعمال بہ ڪرايل اٿن تہ پوءِ پت جي لکڻ ۽ سڃاڻڻ ۾ ڪا بہ تڪليف ڪانهي. پڙهڻ ۾ رڳو ٻن اوازن کي ملائڻو پوندن ۽ لکڻ ۾ پت لفظ جا ٻہ آواز ڪري پوءِ لکي ويندا.

انگ ۽ ڪوڙا جنسي شين جي وسيلي، سمجھ سان ۽ سوالن سان سيکارڻ گهرجن. جيڪڏهن ماستر کي ڪم گهٽو آهي تہ هيئن بہ ڪري ٿو سگهي، جو ٻارن کي رستو ڏيکاري ڇڏي پوءِ پاڻ ڪڪڙيون يا ٻيون شيون ڳڻيندا ڏهاڪن جون ڍِڳيون ٺاهيندا وجن ۽ پاڻ ارٿميٽيڪان تي يا ڪڪڙين جي وسيلي ڪوڙا ٺاهيندا سڪندا وجن.

ٻاراڻي ڪتاب جا جملا اهڙيءَ طرح پڙهائجن، جيئن هو ٻهو ٻار ڳالهائيندا آهن، پر تنهن ڪان اڳي ٻارن سان تصوير تي سوال ڪجي ۽ جواب سڄن جملن ۾ وٺڻ


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

گهرجي. گهڻو ڪري سيني ڪلاسن ۾ ۽ سيني ڪمن ۾ شاگردن کان سوالن جا جواب سڄن جملن ۾ وٺڻ گهرجن. انهيءَ لاءِ ته ڪين پنهنجي ٻولي صحيح ڳالهائڻ ۽ ڳالهه سمجهائڻ جي قابليت پيدا ٿئي. ٻارن کي اسڪول ۾ وهڻ کان وٺي حڪم جي تعميل ڪرڻ تي ڌيان ڏيڻ تي هيرائجي. ڪين هن قسم جا حڪم ڏجن ته هڪدم ۽ ڊرل وانگر تعميل ڪن. اٿي بيهو. ويهي رهو. ڪتاب رکو. سليٽ ڪڍو. سليٽ مونڊي ڦيرايو. سليٽ رکو. هيڏي اچو. موٽي وڃو وغيره وغيره.

مطلب ته ٻاراڻو ڪلاس ۾ ٺي انتظام ۽ پڙهائي چڱي هلي ته پوءِ مٿيان ڪلاس پاڙهڻ آسان ٿي پوندا. مٿين ڪلاسن لاءِ خواه ٻاراڻي ڪلاس لاءِ فقط هڪ اشارو ڏجي ٿو ته سڀ تعليم سوالن جي رستي ڏجي.

گهڻو ڪري سڀ ماستر سوالن جي رستي تعليم نٿا ڏين. جنهن جو نتيجو اهو ٿو ٿئي. جو شاگرد بلڪل بي سمجهه ۽ جاهل ٿا ٿين ۽ اسڪولن مان نڪرڻ بعد ٻنهي جهانن کان ٿا وڃن. ماستر چوندا آهن ته اسان کي ڪلاس ٿا ڏين گهٽا ۽ حاضري گهٽ وڌ. تنهنڪري سوالن جي رستي تعليم ڏبي ته ڪم پورا ڪري ڪين سگهبا. اهو جواب بلڪل غلط آهي. جيڪڏهن سوالن جي رستي تعليم نه ڏجي ته باقي ماسترن کي ڪرڻو ڇا آهي. ڪتاب. تاريخون. جاگرافيون وغيره وغيره شاگرد پاڻ به پڙهي سگهن ٿا. بلڪ حساب به انگي حسابن جي وسيلي گهڻي قدر پاڻ ڪري سگهن ٿا يا مٿين ڪلاسن جا شاگرد ڪين سيکاري سگهن ٿا. رڳو نالي طور ڪمن پورن ڪرڻ سان مطلب آهي ڇا؟ ڪتاب سڀ پڙهي وڃن ۽ اچي ڪجهه به ڪين. نه سمجهه وڌي نه واقفيت وڌي ته پوءِ انهيءَ پڙهڻ مان فائدو ڪهڙو؟ ماسترن جو فرض آهي ته ڪهڙيون به حالتون هجن ته به ايمانداريءَ سان سڀ وقت سوالن جي ذريعي تعليم ڏين. پوءِ جيترو ڪم ٿي سگهي. اوترو چڱو. مني مني ڪلاڪ بعد 10 منٽ ڪن آرام وٺي وري ڪم کي لڳن.

پر حقيقت هئين آهي ته ماستر ڄاڻي واڻي سوالن جي تعليم نه ٿا ڏين. ڇو ته هڪ ته پوري قابليت ڪانهين ۽ ٻيو ته سوالن پڇڻ ۾ دماغ هلائڻو ٿو پوي ۽ ماستر ان کان اهڙو ڊنا ٻينا آهن. جو سوالن جي رستي تعليم ڏيڻ جي ڪوشش ئي نٿا ڪن. جيڪڏهن ڪوشش ڪن ته رفته رفته هنن ۾ قابليت به پيدا ٿي وڃي ۽ تڪليف به ڪان ٿئين. بلڪ هنن کي ڏاڍو مزو اچڻ لڳندو. هي هڪ قدرتي اسرار آهي ته جنهن ڪم سان دلچسپي ٿي لڳي. اهو ڪيترو به گهڻو ٿو ڪجي ته به ٿڪ نٿو ٿئي ۽ جيڪو ڪم بي دليو ۽ خفگيءَ سان ٿو ڪجي. اهو ٿورو ئي ٿو ڪجي ته ڪڪ ٿيو پئجي. مثلن سنگت سان 20 ميل پنڌ ڪرڻ ۾ اهڙو ٿڪ نه ٿيندو آهي. جهڙو اڪيلائي ۾ 2 ميلن پنڌ ڪرڻ سان.

ماستر سوالن پڇڻ جي ڪوشش ئي نٿا ڪن. تنهن لاءِ هي ثابتي بس آهي. جو


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڪين چئجي ٿو ته سوال پڇو ته هو هڪا ٻڪا ٿي تا وڃن ۽ سوال پڇڻ ڪين بلڪل ڪونه تا اچن. جنهن منجهان معلوم ڪري ٿو سگهجي ته هن ڪڏهن به سوالن پڇڻ جي ڪوشش ئي ڪان ڪئي آهي. سوالن پڇڻ جي تعليم ته ڇڏيو پر ڪيترين رواجي هدايتن جي تعميل به ڪان ڪندا آهن مثلن صورتخطي لکائڻ ۾ ساڳيا لفظ ٻه ڀيرا نه چوڻ. حساب ڪري سليٽون هيٺ رکڻ. زباني حسابن جا جواب رڳو سليٽن ڦيرائڻ سان ڏسڻ، نمبر وار نه پڙهائڻ وغيره وغيره.

سوالن پڇڻ جا ڪي سليس قانون آهن، جن تي عمل ڪرڻ کان سواءِ سوالن جي سڀي تڪليف اجائي برباد ٿي ٿئي. انهن قانونن جي ماسترن کي رڳو خبر به ڪانهي. اهي قانون تعليم اخبار جي آگسٽ 1916ع جي پرچي ۾ ڏنل آهن. انهن مان مکيه قانون هيٺ ڏجن ٿا:-

1 - پهريائين شاگردن جو ڌيان ڇڪائي، پوءِ سوال هڪ ڀيرو سليس ۽ ٿورن لفظن ۾ سڄي ڪلاس کي ڏجي.

2 - ٿورڙو ترسي پوءِ ڪنهن به شاگرد ڏي آگر جو اشارو ڪجي ته هو اٿي جواب ڏئي. سوال شاگردن کان نمبر وار يعني پهريون سوال پهرئين نمبر کان ٻيو سوال ٻئي نمبر کان نه پڇڻ گهرجن. هي به قانون انهيءَ لاءِ آهن ته سڀئي شاگرد سوال ٻڌن.

3 - جيڪڏهن جواب برابر هجي ته ماستر چوي برابر، غلط هجي ته غلط، اٽپورو هجي ته اٽپورو وغيره پوءِ شاگرد ازخود ويهي رهي.

4 - جيڪڏهن جواب برابر ملي ته به گهٽو ڪري ماستر ٻئي شاگرد ڏي به اشارو ڪري ته اهو ساڳيو جواب ٻڌائي. اهو قانون انهيءَ لاءِ آهي ته سيئي شاگرد جوابن تي به ڌيان ڏين ۽ جوابن ٻڌڻ جي عادت ڪري ڇڏين. جيڪڏهن جواب غلط ملي ته ٻئي شاگرد ڏي اشارو ڪجي ته اهو پنهنجو جواب ڏي. جيڪڏهن شاگردن کي جواب ڏيڻ نه اچي ته ڪن حالتن ۾ ٻيا سليس سوال پڇي پوءِ ساڳئي سوال تي اچجي ۽ ڪن حالتن ۾ ماستر پاڻ جواب ٻڌائي، جو جواب وري اشاري ڪرڻ سان شاگرد کان چورائي.

5 - ڪتاب، تاريخ، جاگرافي وغيره تي سوال اهڙيءَ طرح نه پڇجن، جو شاگرد وري طوطي وانگر ڪتاب جا جملا ڪم آڻيندا وڃن. هن لاءِ قابليت ڪپي جا رفته رفته استعمال ڪرڻ سان ٿيندي ويندي.

پهريان چار قانون بلڪل سولا آهن، مگر شرط آهي ته استعمال ڪپي. استعمال ڪرڻ سان عادت ٿي ويندي، پوءِ تڪليف بلڪل ڪان ٿيندي. انهيءَ استعمال لاءِ ضروري آهي ته چنچر ڏينهن شاگردن کي 20 منٽ ڪن اڳي ڇڏي. ماستر گڏجي هڪ هنڌ اچن ۽ هڪڙو ماستر هڪڙي ڪلاس کي سوالن جي رستي تعليم ڏئي، پوءِ


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

انهيءَ ڪلاس کي به موڪل ڏيئي. ٻيا ماستر ان ماستر کي ٻڌائين ته توهان فلاڻن قانونن جي تعميل نه ڪئي. جيڪڏهن ماستر پنهنجي منهن انهن قانون جي تعميل جو استعمال ڪندا ته ممڪن آهي ته ڪيترين ئي خامين جي ڪين خبر به نه پوندي.

ماستر صاحبن کي ڄاڻڻ گهرجي ته پنهنجي ملڪ ۽ قوم جي ترقيءَ جون ڪنجيون سندن هٿ ۾ آهن. پاڻ ئي ملڪ ۽ قوم جا رهبر ۽ مصلح آهن. جيڪڏهن دل وجان سان ڪوشش ڪري پنهنجي ملڪ ۽ قوم جي ترقي ڪندا ته انهيءَ ۾ سندن ۽ سندن اولاد جو به فائدو آهي، مگر هڪ ٻي ڳالهه به آهي ته جيستائين عورتون جاهل آهن، تيستائين ملڪ ۽ قوم جي ترقي هرگز نه ٿيندي. هاڻوڪن زنانن اسڪولن جون ماسترياڻيون اهڙيون تعليم يافته نه آهن، جو ڪارائتي تعليم ڏيئي سگهن ۽ ماسترياڻيون پيدا ڪري سگهن، تنهنڪري ماسترن جو فرض آهي ته مردانن اسڪولن ۾ ئي يا گهرن ۾ پنهنجين عورتن کي چڱي تعليم ڏيئي ماسترياڻين ٿيڻ لاءِ تيار ڪن ۽ اهڙي طرح زناني تعليم جو واڌارو ۽ سڌارو ڪن. جيڪڏهن ماستر پنهنجن شاگردن ڇوڪرن خواهه ڇوڪرين ۾ ڪتابن ۽ اخبارن پڙهڻ جو شوق پيدا ڪري سگهن جئين هو سڄي حياتي مطالعو ڪندا رهن ته پوءِ سمجهبو ته ماسترن پنهنجو فرض ادا ڪيو ۽ ملڪ ۽ قوم جي ترقيءَ جو بنياد وڌو.

*(اخبار تعليم اپريل مئي 1929ع)*


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# ماسترن جا فرض ۽ جوابداريون

هر هڪ ماستر کي يقين هئڻ گهرجي تہ ملڪ جي سڌاري ۽ آسودگي، تهذيب ۽ ترقيءَ جو سڄو مدار فقط ماستر تي آهي. هر هڪ ماستر يقين ڄاڻي تہ فقط هوئي ملڪ کي ترقيءَ جي اوج تي پهچائي سگهي ٿو. اهو هڪ قدرتي قانون آهي تہ جيڪڏهن ڪو بہ شخص ڪو چڱو ارادو ڪري ڪنهن بہ چڱي ڪم ۾ عزم ۽ استقلال سان ڇهتي ٿو پوي تہ ڏٽي تعاليٰ هن کي ضرور ڪامياب ٿو ڪري. جيڪو بہ شخص خالص نيت سان بنا اجوري عيوضي جي ٻين جي خدمت ٿو ڪري، سو هڪدم عزت حاصل ٿو ڪري ۽ جلد ئي قوم جو مخدوم ۽ سردار بنجي ٿو پوي. ماستر جو تہ خاص طرح فرض ئي اهو آهي تہ هو پنهنجي شاگردن کي اهڙيون عادتون، تهذيب ۽ اخلاق سيکاري ۽ اهڙي طرح تعليم ڏيئي جو هو سچ پچ عقل، علم ۽ نيڪ اخلاقن سان طاقت حاصل ڪري آئينده هلي آسودا ۽ ڪامياب ٿين ۽ ٻين کي سڌارڻ ۽ ڪامياب ڪرڻ ۾ ٻهرو وٺن. جيڪو ماستر اهو پنهنجو فرض چڱيءَ طرح محسوس نٿو ڪري تہ مون کي پنهنجي شاگردن کي سڌارڻو ۽ عقل وارو بنائڻو آهي، سو ماستريءَ جي هرگز لائق نہ آهي اجا بہ بهتر ماستر اهو آهي جو نہ رڳو پنهنجن شاگردن کي سڌارڻ جو عزم ۽ ڪوشش ڪري پر فرصت جي وقت ۾ پنهنجي پنهنجي حد جي ماڻهن کي بہ سڌارڻ جي ڪوشش ڪري.

سڌارو ۽ ترقي ڇا کي ٿو چئجي؟ سڌاري ۽ ترقيءَ جا ٽي جزا آهن. 1- تندرستي 2- نيڪ اخلاق 3- علم ۽ هنر. انهن ٽن جو نتيجو آهي آسودگي، شاهوڪاري خوشي ۽ آخرت جي دائمي سعادت.

هٽلر جو ڪالهہ هڪ مسڪين ماڻهو هو ۽ اڄ جرمني جو خود مختيار حڪمران آهي، سو پنهنجي هڪ ڪتاب ۾ لکي ٿو تہ منهنجي خيال ۾ سچي تعليم جي تجويز اهڙي ڍنگ واري هئڻ گهرجي جو هر هڪ ڇوڪرو پنهنجو فرصت جو وقت سڄي جو سڄو پنهنجي جسماني صحت کي بهتر ڪرڻ ۾ خرچ ڪري. هن کي پنهنجو وقت سستيءَ ۾ گذارڻ نہ گهرجي، نہ هن ۾ تہ بازارين ۾ بيهوده رلي ڦري يا گوڙ ڪري يا


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

واهيات مشغوليون اختيار ڪري. هن ڪي گهرجي تہ پنهنجي جسم ڪي سخت ڪندو رهي تہ جڏهن حياتيءَ جي ڪشمڪش ڪي منهن ڏيڻو پويس، تڏهن هو ڪمزور ثابت نہ ٿئي، بلڪ ان لاءِ پوريءَ طرح تيار هجي. مان بہ ائين سمجهندو آهيان تہ انسان جي ترقي ۽ خوشيءَ جو مدار ڪم از ڪم اٺ آنا فقط تندرستي تي آهي. انهيءَ ڪري ضروري آهي تہ سرڪار، ليڊر ۽ ماستر گهٽي ۾ گهٽو زور انهيءَ ڳالھ تي ڏين تہ شاگردن خواھ پبلڪ ڪي نہ رڳو صحت جي قانون جو علم هجي پر هو انهن قانونن تي عمل ڪن. سيني ڪان پهريائين ماسترن جو فرض آهي تہ هو صحت جي قانونن تي پاڻ عمل ڪن، پوءِ شاگردن ڪي جبرن عمل ڪرائين ۽ پوءِ پبلڪ ڪي انهن قانونن تي عمل ڪرڻ لاءِ بار بار هدايت ڪن ۽ ڪندا رهن. تندرستي جو گهڻو مدار آهي روزاني ورزش ۽ حد درجي جي صفائيءَ تي. ورزش ضرور روزاني ڪرڻ گهرجي. صفائيءَ ۾ هيٺيون ڳالهيون اچي ٿيون وڃن.

1 - ڪم از ڪم صبح جو اٿڻ مهل ۽ ٻيو رات جو سمهڻ مهل ڏندن ڪي ڏندڻ يا برش سان خوب صاف ڪجي، ڪاڌي جو ڪو بہ ذرو ڏندن ۾ رهجي نہ وڃي.

2 — هر روز ڪم از ڪم هڪ ڀيرو وهنجڻ ۽ ٽوال سان خوب جسم ڪي مهٽڻ.

3 - ڪپڙا جلد جلد ڌوئارڻ.

4 - گهر جي ڀرسان ڪنهن بہ قسم جو ڪن ڪچرو يا گندو پاڻي نہ ڇڏڻ، پاڻ ڪي ڪڏن ۾ پوري مٽان مٽي وجهڻ گهرجي. ڍڳن جي جاءِ تي هر روز مٽي وجهڻ گهرجي. ماڻهو جي پيشاب، ٿوري بلڪ ٿڪ تي بہ مٽي يا سيڙهي وجهڻ گهرجي.

5 - پاڻي سورهن آنا صاف ۽ پاڪ نہ هجي تہ ان ڪي ٽهڪائي پوءِ دلن ۾ وجهي رکجي.

6 - ڪاڌي جون شيون بہ صاف ۽ تازيون هئڻ گهرجن ۽ مٿن مکين ڪي هرگز وهڻ نہ ڏجي.

تندرستيءَ لاءِ ٻيون هدايتون بہ گهڻيون آهن پر هت فقط ٽي مکيہ هدايتون ڏجن ٿيون:

1 - ڪاڌو فقط مقرر وقتن تي کائڻ گهرجي. ٻين وقتن تي رڳو پاپڙ پڪوڙو پڳڙو يا ميوو بہ نہ کائڻ گهرجي.

2 - قبضي بلڪل ٿيڻ نہ ڏجي.

3 - مڇرن ڪان قطعي پرهيز ڪجي يا جيتري قدر تي سگهي اوتري قدر. جيڪڏهن ڪلي پرهيز نہ ڪري سگهجي تہ اگوات ڪوئنين کائي بخار ڪي روڪي ڇڏجي ڇو تہ اهو بخار تندرستيءَ ۽ حياتيءَ لاءِ وڏو ڪاٽ آهي.

تندرستيءَ ڪان پوءِ ٻيو نمبر نيڪ اخلاقن ۽ نيڪ عادتن تي زور ڏجي. تندرستيءَ تي 8 آنا تہ اخلاقن تي 6 آنا تہ علم، عقل ۽ هنر تي بہ آنا زور ڏجي، ڇو تہ تندرستيءَ ۽ اخلاقن ڪان سواءِ علم عقل ۽ هنر بلڪل بيڪار آهن. اخلاقن ۾ مکيہ


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڳالهيون هي آهن:-

1 - محنت ۽ سادگي يعني گهٽو ڪمائڻ ۽ ٿورو خرچ ڪرڻ.

2 - ڪوڙ نڳي ۽ وعده شڪني ڪرڻ ڪان ۽ گارينءَ گندن الفاظن ڪڍڻ کان سوء ڪوه پري پڇڻ.

3 - ذات انسان (خصوصن مائٽن ۽ پاڙيسرين) سان محبت ڀڏي ۽ پلايون ڪرڻ. محبت ۽ اتفاق هن ئي دنيا ۾ بهشت آهن ۽ دشمنيون ۽ جهيڙا هن ئي دنيا ۾ دوزخ آهن. ٻين سان ڀلايون ڪندڙ گويا پاڻ سان ڀلايون ڪندڙ آهي ڇو ته آخر هو سعادت ماڻي ٿو، ۽ ٻين سان ظلم ڪندڙ گويا پاڻ سان ظلم ڪري ٿو، ڇو ته هو ڪڏهن به خوش ڪين گذاريندو. جيڪو ٻين سان صلح، اتفاق ۽ محبت سان رهي ٿو، اهو ئي سچو مسلمان ۽ اهو ئي خدا جو فرمانبردار ٻانهو آهي. پر جيڪو ٻين سان همدردي ۽ رحم نٿو ڪري، سو ئي ڪافر آهي، سو ئي خدا کان باغي ۽ شيطان جو فرمانبردار ٻانهو آهي. خدا جو ٻانهو آخر ڪامياب ٿيندو ۽ شيطان جو ٻانهو تباهه ٿيندو.

ٽئين ڳالهه آهي علم عقل ۽ هنر. هن جو تعلق ان تعليم سان آهي، جا ماستر اسڪول ۾ ڏين پيا، مگر اڪثر ڪري ماستر نڪي ان تعليم جو مقصد ڏيان ۾ ٿا رکن، نڪي ان مقصد حاصل ڪرڻ جا اپاءَ ويچار هيٺ آڻي، ڪارائتي نموني ۾ تعليم ٿا ڏين. تعليم جو مقصد هي آهي ته شاگردن ۾ غور، فڪر ۽ نتيجن ڪڍڻ جي طاقت پيدا ٿئي، (يعني عقل وڌي) ۽ ڪين اهڙي معلومات ملي يعني اهڙين ڳالهين جي واقفيت حاصل ٿئي، جي ڳالهيون هنن کي زندگي ۽ دنيا جي امورن ۾ ڪم اينديون ۽ هو انهن معلومات هئڻ جي ڪري دنيا ۾ وڏيڪ خوشحالي سان رهي سگهندا. انهن مقصدن حاصل ڪرڻ جو بهترين طريقو آهي، عمل ڪرائڻ. مثلن شاگردن کي بورڊنگ هائوس ۾ رهائجي جتي سڀ ڪم ڪاريون پاڻ ڪن ۽ انهن ڪمن ڪندي صحت جا قانون سڪندا وڃن ۽ حساب ۽ واپار سکندا وڃن. جيڪڏهن بورچيخاني جي سنڀال واري واري سان شاگردن جي حوالي ڪبي ته هنن کي ماسترن جي زير نظر حساب ڪتاب رکڻو پوندو ۽ ان ۾ حسابن ڪرڻ جو استعمال ٿيندو. اسڪول جي جاءِ ڪا جوڙائجي ته ان ڪم ۾ به شاگردن کي شريڪ ڪجي. جنهن مان هنن کي ڪيترين ئي ڳالهين جي خبرداري پوندي. ٻنيءَ ۾ ان، ڀاڃيون ۽ ميوا پوکائبا ته انهن ڳالهين جي به ڪين خبر پوندي، ۽ ڪپڙو آڏاڻن ۾ نهرائبو، مينهون، ڳئون ۽ ڏاند رکبا ته انهن جي وسيلي به ڪين گهڻو علم حاصل ٿي سگهندو وغيره وغيره. مگر اسان جي رواجي اسڪولن ۾ هي طريقو تعليم جو ڪم آڻڻ محال آهي.

ماسترن کي هميشه هيءَ ڳالهه خيال ۾ رکڻ گهرجي ته جيڪي جيڪي شاگرد کي سيکارين، تنهن کي زندگيءَ جي روزمره جي ڪمن ڪارين ۽ مشاهدن سان


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڳي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

لاڳاپو ۽ پيٽ ڏيکاري سمجھائين ۽ شاگردن کي مجبور ڪن ته انهن بنسبت پنهنجا تجربا ۽ مشاهدا بيان ڪن. مثلن سچ ۽ ڪوڙ بابت سبق هجي ته شاگردن کان پڇجي ته اوهان ڳڌريلن روزن ۾ کهڙا ڪوڙ ڳالهايا ۽ ڇو ڪوڙ ڳالهايا. پوءِ انهن کي سمجھائجي ته انهن ڪوڙن ڳالهائڻ مان اوهان کي ڪهڙو نقصان ٿيو. ۽ هن نموني عمل ڪيو ها ته ڪوڙ ڳالهائڻ جو ضرور ئي ڪو نه پوي ها. جيڪڏهن ڪو ڏوهه جو ڪم ڪري پوءِ سزا کان بچڻ لاءِ ڪوڙ هنيو هجين ته انهن کي سمجھائجي ته ڪوڙ جي وسيلي سزا کان پاڻ کي بچائيندو ته وري به ڏوهه ڪندو، جنهن ڪري اوهان ۾ ڏوهن جي عادت پڪي ٿيندي، پوءِ عادت به ڪين ڇڏي سگھندو ۽ ڏوهه به آخر ظاهر ضرور ٿيندا. پوءِ ته توهان کي جيڪي نقصان رسندا تن جو شمار ئي نه ٿو ڪري سگھجي. پر جيڪڏهن ڏوهه ڪري ويهو ۽ پشيمان ٿي پنهنجو ڏوهه پاڻ قبول ڪري اڳتي لاءِ توبهه ڪريو ۽ معافي گھرو ته توهان کي گھٽو ڪري معافي ملندي. پر جيڪڏهن سزا ملندي ته به اڳتي لاءِ انهيءَ ڏوهه ڪرڻ تي دل ئي نه ورندي. اهڙي طرح هر هڪ حالت لاءِ جدا دليل ڏيئي شاگردن کي سمجھائي سگھبو ته ڪنهن به حالت ۾ ڪوڙ ڳالهائڻ مان فائدو ته ڪونهي، پر اٽلندو نقصان آهي. اهڙي طرح جيڪي جيڪي پڙهجي تنهن بابت ماستر ۽ شاگرد پنهنجا پنهنجا تجربا ۽ مشاهدا بيان ڪري راءِ قائم ڪن، ۽ ماسترن کي جاچڻ گھرجي ته جيڪي جيڪي ڇوڪرا سکن ٿا. تنهن تي عمل ڪن ٿا يا نه؟

ٻيو نمبر طريقو تعليم ڏيڻ جو آهي سوالن پڇڻ ۽ گفتگو ڪرڻ جو. جهونو ۽ بيوقوفيءَ جو طريقو جنهن ۾ ڇوڪرا بنا سمجھ جي ڪجھ ڇئي وڃن سو اهڙو ردي آهي جو ان تعليم ڏيڻ کان نه ڏيڻ بهتر آهي. نڪي شاگرد واقفيت حاصل ٿا ڪن، نڪي سندن عقل ٿو وڌي. ڪتاب اهڙي طرح پڙهي ٿا وڃن، جيئن جاهل مسلمان قرآن شريف عربي زبان ۾ بنا سمجھڻ جي پڙهندا آهن. اڃوڪن گھٽن اسڪولن ۾ رڳو لکڻ ۽ پڙهڻ جو هنر حاصل ٿئي ٿو ۽ قدري ليکو چوکو به ڪري سگھجي ٿو، مگر عقل ۽ سمجھ نه هئڻ ڪري اهي به گھٽي قدر بي سود ٿي ٿا وڃن ۽ ايندڙ زندگي ۾ پڙهيلن جو حال اڻ پڙهيلن جهڙو ٿي ٿو پوي، ۽ سڌارو ۽ ترقي ڪانه ٿي ٿئي. تنهن ڪري نهايت ضروري آهي ته ماستر سوالن جو طريقو اختيار ڪن. پهريائين هنن کي ڏکيو لڳندو مگر رفته رفته آزموده سان اهڙي آساني پيدا ٿيندي جو انهي نموني تعليم ڏيڻ پاڻ سولي لڳندي ۽ نتيجا ڏاڍا خوشي ڏيندڙ ظاهر ٿيندا.

ٻيو نهايت ضروري اصول هي آهي ته جيڪو ڪم سيکارجي سو سورهن آنا بلڪ 18 آنا پڪو ڪرائي پوءِ اڳتي هلجي. ائين ڪرڻ سان اڳتي تعليم ڏيڻ ۾ آساني ٿي پوندي. جيئن جيئن بنياد ڪچو رهندو ويندو تيئن تيئن مٿي هلڻ محال ٿي پوندو. تڪڙ ڪم شيطاني آهي. تڪڙ ڪرڻ ڪري پوئتي موٽڻو پوندو ۽ اٽلندو ڪم پوري ڪرڻ ۾ دير لڳندي. مگر ڍرائي ۽ پڪائي سان ڪم ڪرڻ ۾ ڪم جلد به ٿيندو


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

۽ سنئو بہ ٿيندو.

ٽيون ضروري اصول هي آهي تہ ماستر شاگردن سان پيار رکي ۽ تعليم ڏيڻ مهل ڪل مک رهي ۽ ڪڏهن بہ غصي ۾ نہ اچي ۽ نہ ڪاوڙ ۾ اچي چماٽ هڻي. جيڪڏهن ڪنهن شاگرد کي ڪجھ نہ ٿو اچي تہ ان ۾ يا تہ ماستر جو ڏوھ آهي يا تہ شاگرد سان ڪا جسماني يا دماغي يا ڪا ٻي حرڪت آهي. بهر صورت ان ۾ شاگرد جو ڏوھ بلڪل ڪونهي. پوءِ جيڪڏهن استاد ناحق هن کي سزا ڏئي تہ استاد پاڻ سزا جو لائق آهي. ٻي خرابي هيءَ آهي تہ اهڙيءَ حالت ۾ شاگرد کي چماٽ هڻڻ ڪري سندس ذهن ڪلندو ڪونہ پر اٽلندو هو منجهي پوندو. سزا فقط بد چالي، گسائڻ يا هوم ورڪ (گهر جي ڪم) نہ ڪرڻ وغيره لاءِ ڏبي آهي، نہ حساب غلط ڪرڻ ۽ صورتخطي وغيره غلط لکڻ يا غلط جواب ڏيڻ لاءِ. سڌريل ملڪن جا ماستر نہ رڳو پنهنجي شاگردن کي سڌاريندا آهن پر پنهنجي حد جي ماڻهن کي بہ سڌارڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. هو تقريرون ڪندا آهن ۽ ماڻهن کي صحت جا قانون ۽ ڳوٺ جي صفائي وغيره جو انتظام سيکاريندا آهن، ۽ هنن کي هڪ هنڌ گڏ ڪري هنن جي ڪلب ۽ انجمن ٺاهيندا آهن. پوءِ سڀ ماڻهو ان انجمن جي ماتحت رهندا ۽ ان جي قانون ۽ حڪمن تي عمل ڪندا آهن. اسان جي ملڪ ۽ ڳوٺن ۾ انتظام نہ هئڻ ڪري چٽ چڙ گابا وارو ليکو لڳو پيو آهي. نہ رڳو ڏاڍا هيڻن تي ظلم ٿا ڪن پر سڀ هڪ ٻئي تي ظلم ڪري هڪ ٻئي کي تباھ ٿا ڪن. جيڪڏهن پوليس يا ڪورٽن ۾ فرياد ٿا ڪن تہ هيڪاري وڌيڪ تباهي هيٺ ٿا اچن، تنهن ڪري ڳوٺن جي ماڻهن کي سمجهائجي تہ پنهنجي پنهنجي ڳوٺن ۾ هڪ ٽن يا پنجن ماڻهن جي جماعت چونڊين. چونڊ ڪرڻ کان اڳي قسم کڻن تہ جيڪي ميمبر غلبي راءِ سان چونڊبا، سي اسان سڀ قبول ڪنداسين. چونڊ اهڙي طرح ٿيڻ کپي جو ڪنهن کي بہ خبر نہ پوي تہ ڪنهن ڪنهن کي ووٽ ڪيو. پوءِ سيئي ماڻهو اهو قسم کڻن تہ اسان بہ انهن ميمبرن جي غلبي راءِ واري حڪم تي ضرور هلنداسين ۽ جيڪو ڪنهن بہ حڪم جي انحرافي ڪندو، تنهن سان سڀ واسطا ٽوڙي ڇڏينداسين. ياد رکڻ گهرجي تہ دنيا ۾ ڪو بہ سڌارو اهڙي انتظام يا هڪ ماڻهو يا هڪ جماعت جي فرمانبرداري کان سواءِ هرگز هرگز ڪري نٿو سگهجي.

## سڄي مضمون جو حاصل مطلب هي آهي:

1 - ماسترن جو فرض آهي نہ رڳو شاگردن کي سڌارڻ پر ٻين ماڻهن کي بہ سڌارڻ.

2 - سڌاري لاءِ ضروري آهي تہ ماستر صحت جا قانون سکي انهن تي عمل ڪن ۽ پوءِ شاگردن ۽ ٻين ماڻهن کي بہ اهي قانون سيکاري انهن تي عمل ڪرائين.

3 - ماستر پنهنجا اخلاق اعليٰ رکن، پنهنجي عزت سڃاڻن. پلي سڀ ڪنهن کي



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

تعظيم ڏين، پر پاڻ کي ڪنهن ڪان گهٽ نہ سمجهن، نڪي ٻين وٽ پاڻ کي ذليل ڪن ۽ خوشامد ۽ چاپلوسي ڪن ۽ ڏج يا غرض ڪان ٻين جا ڪم ڪاريون ڪن. جيستائين ماستر پنهنجي عزت نہ رکندا، تيستائين ڪو بہ سڌارو ڪري ڪو نہ سگهندا. پنهنجي عزت ۽ ذلت جو ڪارڻ پاڻ ئي ماستر بڻجن ٿا.

4 - ماسترن کي گهرجي تہ علم سان وڏيڪ واهپو رکن، ۽ غور ۽ فڪر ڪن، تعليم جو مقصد ڏيان ۾ رکي تعليمي طريقا سڌارين. جيڪڏهن ماستر مٿين هدايتن تي عمل ڪندا تہ هو ملڪ ۽ قوم وٽ عزت حاصل ڪندا، قوم ۽ ملڪ جا ليڊر ۽ سردار بڻبا، بي انتها خوشي حاصل ڪندا. ڏٽيءَ کي پيارا لڳندا ۽ دائمي سعادت ماڻيندا.

*(اخبار تعليم – آڪٽوبر نومبر 1935)*


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

# ترقي ۽ تعليم

سچي سڌريل دنيا قبول ڪري رهي آهي تہ ترقي، خوشحالي ۽ آسودگي جو مدار آهي چڱي تعليم تي، ۽ چڱي تعليم جو مدار آهي ماستر تي. اڳيئن زماني ۾ تعليم، ڌرم يا مذهب تي مبني هوندي هئي ۽ تعليم ڏيندڙ ڌرمي يا مذهبي ماڻهو هوندو هو. هو پيٽ پالڻ لاءِ تعليم ڪون ڏيندو هو، پر پنهنجي ڌرمي جوش سبب ۽ ڏٽيءَ جي راضپي ڪٺڻ ۽ خدا جي خلق کي سڌارڻ لاءِ جفاڪشي ڪندو هو. دنيائي عيش عشرت ۽ دنيائي لالچن ۽ غير ضروري اسبابن ۽ نعمتن کان اهڙو پري ڀڄندو هو، جهڙو پاڇو سج کان. ڪن حالتن ۾ تہ هن کي هڪ لانگوٽي ۽ گودڙي کان سواءِ ڪجھ بہ ڪونہ هوندو هو، مگر تنهن هوندي بہ بادشاهہ ۽ راجائون ڪيس نمي نمسڪار ڪندا هئا. اهڙن معلمن جي شاگردن ۾ ننڍي کان ئي خدا جي خوف جو ٻج پوندو هو. هو وڏن جو ادب ڪندا هئا ۽ راجا جي فرمانبردار رعيت هوندا هئا. اهڙي تعليم جو نتيجو اهو ٿيندو هو، جو هٺ ۽ وڏائي ڪان هئي، اسراف ڪون هو، پيٽ ۾ بک ۽ ٻاهرين آڪڙ ڪان هئي، سيني ماڻهن ۾ پيار محبت ۽ همدردي هئي، صلح سانت ۽ خوشي گهٽي هئي ۽ دولت ايتري جهجهي هئي، جو نہ رڳو ايران ۽ مصر جا سياح، پر يورپ جا سياح بہ هندستان جي دولت ۽ هنر ڪاريگريءَ جا حيرت انگيز قصا لکي ويا آهن.

اڄوڪي زماني ۾ اگرچہ سائنس ڪماليت وني چڪي آهي ۽ ريلون، تارون ۽ ڪلون جاري ٿي ويون آهن تہ بہ اها آسودگي ڪانهي. سبب هي آهي جو نہ اها تعليم آهي ۽ نہ اهي معلم آهن. بد اخلاقي ۽ فساد ۽ بيجا اسراف ۽ بيجا عيش عشرت قوم ۽ ملڪ کي تباهہ ڪري رهيا آهن. حالتون اهڙيون بدلجي ويون آهن، جو اسان جا اسڪول بہ قوم جي ترقي لاءِ ڪجھ نہ ڪري سگهيا آهن. ماستر اهو مقرر ڪيو ٿو وڃي، جنهن رڳو ورنيڪيولر فائنل امتحان پاس ڪيو آهي اهو خيال ڪونہ ٿو ڪيو وڃي تہ هو رڳو پيٽ پالڻ لاءِ ماستر ٿيڻ ٿو گهري يا قومي سڌاري جو بہ ڪو شوق اٿس، اخلاقي حالت چڱي اٿس يا خراب، علم ۽ ڪتابن پڙهڻ جو شوق اٿس يا اٽلندو ڪتابن کان نفرت اٿس. پوءِ جن ماسترن کي پاڻ کي ئي علم ڪونہ هوندو ۽ سڌريل نہ هوندا تہ ڪيئن ٻين ۾ علم جو شوق پيدا ڪندا ۽ ٻين کي سڌاريندا؟

ماستر اهو ئي ڪامياب ۽ ڪارگر ٿي سگهندو، جنهن کي علم هوندو ۽ علم


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

وڏائڻ جو شوق هوندو ۽ ان سان گڏ محنتي ۽ نيڪ اخلاق هوندو. پهاڪو مشهور آهي ته نصحيت کان مثل بهتر آهي ۽ علم جي مٽن کان عمل جي رتي بهتر آهي. هر هڪ ماستر کي ائين سمجهڻ گهرجي ته ملڪ ۽ قوم جي ترقي جو بار مون تي آهي، مان ئي ڏٽيءَ جي مدد سان قوم ۽ ملڪ جو گرو، رهبر، مرشد ۽ مصلح ٿي ٿو سگهان ۽ قوم کي ترقي جي اوج تي آڻي ٿو سگهان. کيس ڄاڻڻ گهرجي ته تعليم جو مقصد اهو ناهي ته شاگرد طوطي وانگر لکي پڙهي وجن ۽ حساب ڪري سگهن ته امتحان پاس ڪري وجي کا نوڪري ڪٽن، پر مقصد اهو آهي ته منجهن مفيد عادتون ۽ گڻ، مثلن ايمانداري، نفس کي ضبط هيٺ رکڻ، ادب ۽ مروت، ٻين جي مدد ڪرڻ، تابعداري، وفاداري، صفائي ۽ تندرستي، محنت ۽ اورچائي پيدا ٿين. منجهن مفيد علم ۽ واقفيت حاصل ڪرڻ جو شوق پيدا ٿئي، جو علم ۽ واقفيت کين روزمره جي زندگي ۽ آئينده جي لاءِ ڪم اچي. شاگرد جيڪي جيڪي سکن، تنهن تي عمل ڪن ته منجهن عمل ڪرڻ جو مادو پيدا ٿئي.

سڌريل ملڪن جهڙوڪ آمريڪا ۾ ماستر نه رڳو شاگردن کي سچي تعليم ڏيندا ۽ سڌاريندا آهن، پر ڳوٺ جي ماڻهن کي به ڏيندا ۽ سڌاري جا ڪم ڪرائيندا آهن. مثلن انجمون ٺاهيندا آهن، ڪلب ۽ لائبريريون کوليندا آهن، صفائي سٿائي ۽ صحت جو انتظام رکندا آهن، پرم ۽ بدرسمون بند ڪندا آهن، ليڪچر ۽ تقريون ڏيندا آهن. وغيره وغيره. اهڙن ڪمن ڪرڻ ڪري هنن کي وڏي عزت ملندي آهي. اسان جي ملڪ جي ماسترن کي اها عزت نٿي ملي، جا معلمن کي ملڻ گهرجي. اگرچه اسان جي ملڪ جي ماسترن ۾ سچي معلمن وارا گڻ نه هجن ته به اسان جو فرض آهي ته کين عزت ڏيون. جيڪڏهن کين عزت ڏينداسين ته هو به عزت جي لائق ٿيڻ لاءِ وڏيڪ ڪوشش ڪندا. ازان سواءِ جيڪڏهن شاگرد ڏسندا ته اسان جي استادن کي اسان جا وڏا عزت ٿا ڏين ته پوءِ پاڻ به استادن کي عزت ڏيندا ۽ سندن فرمانبردار رهندا. پر جڏهن هو ڏسندا ته اسان جا وڏا ماستر کي ليکن به ڪو نه ٿا ته پاڻ به عزت ۽ فرمانبرداري ڪونه ڪندا، جنهن جو نتيجو اهو ٿيندو، جو نڪي علم پرائيندا، نڪي نيڪ اخلاق ۽ ادب ۽ مروت سکندا. پوءِ هو پنهنجن وڏن جي به عزت ڪونه ڪندا، نڪي سندن فرمانبرداري ڪندا. تنهن ڪري ماسترن کي عزت ۽ مان ڏيڻ ۾ اسان جو ئي فائدو آهي ۽ کين عزت نه ڏيڻ ۾ اسان جو ئي نقصان آهي. پر جيڪڏهن کا اهڙي ڳالهه کنهن ماستر سان ڪرٽي هجي، جا ناراضپو ڏيکاريندڙ هجي ته اها بلڪل خلاصي وقت ڪرڻ گهرجي، جئين کنهن به ٻئي ماڻهوءَ کي معلوم نه ٿئي.

*(اخبار تعليم جون 1930ع)*


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# تعليم ۽ ترقي

سچي ترقيءَ جو مدار سچي تعليم تي آهي. بيشڪ انگلينڊ، جرمني ۽ جپان اسان جي ملڪ کان صد بار وڌيڪ آسودا، خوشحال ۽ ترقي يافته آهن، اهو هن ڪري آهي جو سندن تعليم اسان جي تعليم کان بهتر آهي. مگر سچي تعليم ۽ سچي ترقي اجا ٻه ٻي شيءِ آهي. سچي تعليم اها آهي جا نيڪ اخلاق ۽ روحانيت پيدا ڪري ۽ سچي ترقي اها آهي جنهن نه رڳو ڪي خاص ماڻهو شاهوڪار نه هجن، پر سڀ ماڻهو خوشحال هجن ۽ سڀ ماڻهو نيڪ اخلاق ۽ هڪ ٻئي سان محبت، خير خواهي، همدردي ۽ اتفاق رکندڙ هجن.

سچي تعليم جو مدار وري آهي سچن معلمن ۽ ماسترن تي. سچو معلم اهو آهي جو پگهار واسطي نه پڙهائي پر ٻارن ۽ ملڪ جي سڌاري، بهتري ۽ ترقي لاءِ تعليم ڏئي. جنهن ڪي پنهنجي ٻارن جي سڌاري ۽ ملڪ جي ترقي لاءِ سچو جوش ڪونهي سو ماستر ٿيڻ جو لائق هر گز نه آهي. سچو ماستر نه رڳو شاگردن لاءِ پر سيني ماڻهن لاءِ ليڊر، رهبر، گرو ۽ مرشد هئڻ گهرجي. هن ڪي گهرجي ته پنهنجي مثالي، تقريرن ۽ تنظيم جي وسيلي ماڻهن مان بد اخلاق ۽ بد رسمون ڪڍي ڦٽو ڪري ۽ ڪين محبت، همدردي ۽ اتفاق جي ڏاڍي ۾ ٻڌي ڇڏي.

مشڪل هي آهي ته اهڙا ماستر جن ڪي علم به چڱو هجي، جن جا اخلاق به عاليشان هجن ۽ جن ڪي پنهنجي ملڪ جي بهتري لاءِ بي انتها شوق ۽ جوش هجي سي ڪٿان آڻجن ۽ ڪيئن پيدا ڪجن؟ ماستر به ته نيٺ پبلڪ مان ئي پيدا ٿا ٿين، ڪو آسمان تان ته ڪون ٿا لاهي آڻجن. پوءِ ماستر به ته اهڙائي هوندا جهڙي پبلڪ هوندي. سرڪار تي به وڏو مدار آهي پر سرڪاري ڪامورا به ته پبلڪ مان آيل آهن. جڏهن ته پبلڪ يعني اسان سڀ بد اخلاقين، بي اتفاقين، جهيڙن فسادن ۽ بدڪارين ۾ غرق آهيون ته پوءِ سچا ماستر ڪٿان ايندا؟ افسوس آهي جو اسان ۾ اجا ڪو اعليٰ درجي جو مصلح ريفارمر (سڌاريندڙ) پيدا ڪو نه ٿو ٿئي جو اسان ڪي ڪن کان وٺي سجاڳ ڪري ۽ ڪڙو ڪري بيهاري. بدڪارين ۽ تباهي کان بچائي ۽ علم، تهذيب ۽ ترقيءَ ڏي راغب ڪري. پر چوندا آهن ته اعليٰ مصلح به تڏهن پيدا ٿيندو آهي جڏهن پبلڪ ۾


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڪجھ نہ ڪجھ پنهنجي تباهي جو احساس ۽ سچي ترقيءَ جي خواهش پيدا ٿيندي آهي. پيارا هم وطنو! ڪجھ تہ اکيون بہ کوليو، پنهنجي دردناڪ حالت جي ڀيٽ انگريزن ۽ جپانين جي حالت سان ڪري ڏسو ۽ ڪجھ تاريخ تہ پڙهي ڏسو تہ توهان کي خبر پئجي ويندي تہ اسان جي بداخلاقين ۽ بدڪارين جي اها حد اچي چڪي آهي، جنهن اڳوڻين ڪيترين قومن کي مصيبتن ۾ رئاري آخر تباهہ ڪري ڇڏيو. اسان جي حالت اهڙي خراب ٿي چڪي آهي جو جيڪي ٿورڙا شخص شاهوڪار آهن سي اسراف ۽ عيش عشرت ۾ پاڻ کي تباهہ ڪري سچا ٿيو وڃن ۽ ٻي سڀ خلق اهڙي سچائي ۾ مبتلا آهي جو الامان! الامان! ڪروڙين غريب اهڙا آهن جن کي هڪ ويلو رکي ماني مس نصيب آهي ۽ ڍڪڻ لاءِ ايترو ڪپڙو مس اٿن جو اگهڙ ڍڪي سگهن. ڪي تہ رڳو اڳڻين پاسي واري اگهڙ تا ڍڪين. اس ۽ سيءَ کان بچڻ لاءِ اجهو ڪونهين، ڪٽ ۽ بستري جي بدران پٽ ۽ پلال تا ڪم آڻين. مرن وانگر گندگي ۽ ڪن ڪچري ۾ ليٽيا پيا آهن. اهو ئي سبب آهي جو هو مرضن جون مصيبتون سهي مري تا وڃن. هي سڀ جِهل ۽ بد اخلاقين جو نتيجو آهي. آهي ڪو اهڙو ڳوٺ، جو چورين، جهيڙن فسادن ۽ ظلمن کان آجو آهي؟ آهي ڪو اهڙو ڳوٺ جتي مائٽ ۽ پاڙيسري هڪ ٻئي جو چڪين ماس نٿا کائين؟ پوءِ چو نہ سجائي، مرض مصيبتون ۽ تباهي ايندي؟

اي پيارا هم وطنو! خدا جي واسطي پنهنجي دردناڪ حالت جو احساس ڪيو. جهيڙا، فساد ۽ ظلم ڦٽي ڪري هڪ ٻئي سان همدردي ڪيو ۽ هڪ ٻئي سان محبت ۽ اتفاق ۾ رهو ۽ هڪ ٻئي سان ڀلايون ڪريو. پوءِ توهان سيئي ٿوريئي وقت ۾ آسودا ٿي ويندو. توهان ۾ پوءِ اهڙا زبردست مصلح پيدا ٿيندا جي توهان کي تهذيب ۽ ترقيءَ جي اوج تي پهچائيندا.

خاص طرح منهنجو عرض آهي تہ توهان ماسترن ۽ معلمن جو قدر ڪيو، ڪين اهڙي عزت ڏيو جهڙي ڪليڪٽرن ۽ ڪمشنرن کي ڏيندا آهيو، بلڪ ڪليڪٽرن ۽ ڪمشنرن ۽ تعليم کاتي جي آفيسرن کي بہ گهرجي تہ ڪين اهڙي عزت ڏين جو پبلڪ ڏسي حيران ٿي وڃي. تعليم کاتي جي آفيسرن کي جيڪڏهن پنهنجي زير دست ماسترن کي ڪا فهمائش ڏيڻي هجي تہ اهڙي هنڌ ڏين جو شاگردن ۽ پبلڪ کي ڪجھ بہ خبر نہ پوي. اي پيارا هم وطنو! جيڪڏهن توهان چاهيو ٿا تہ اسان جو اولاد ۽ اسان جا پويان نيڪ اخلاق، آسوده حال ۽ ترقي يافتہ ٿين تہ ماسترن جو قدر ۽ عزت ڪريو ۽ ساڻن همدردي ۽ مدد ڪريو. پر جيڪڏهن توهان چاهيو ٿا تہ اسان جو اولاد ۽ اسان جا پويان بد اخلاق ۽ سچا ٿين ۽ مرضن ۽ مصيبتن جو شڪار ٿي تباهہ ٿين تہ پوءِ ڀلي ماسترن ۽ معلمن سان اها ئي هلت ونو جا وني رهيا آهيو. ڀڪ ڄاڻو تہ ماستر جا اگرچہ ڪپڙا بہ خراب هجن تہ بہ جيڪڏهن هنن کي عزت ڏيندو تہ ضرور پاڻ کي سڌاريندو ۽ توهان جي اولاد کي فيض ڏيڻ جي لائق ٿيندو. پر جيڪڏهن هنن جي بي عزتي ڪندو


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

تہ هو ضرور خراب ٿيندا ۽ توهان جي اولاد کي بہ خراب ڪري تباهہ ڪندا.

ساڳيءَ طرح ماستر صاحبن کي بہ منهنجي استدعا آهي تہ توهان پنهنجي عزت رکو. پاڻ کي ڪنهن کان بہ گهٽ نہ سمجهو، خدا کان سواءِ ڪنهن کي بہ وڏو نہ سمجهو، ڪنهن بہ شخص وٽ جتيون نہ گسايو ۽ ڪنهن وٽ بہ پاڻ کي ذليل ۽ خوار نہ ڪريو. خوشامد ۽ چاپلوسي ڦٽي ڪريو، پوءِ جيڪڏهن توهان کي تڪليفون درپيش اچن تہ اهي صبر سان سهو. صبر اها شيءَ آهي جا آخر تڪليفن ۽ مصيبتن تي غالب ٿي پوي. ڏکن پٺيان سک تا اچن ۽ سچائي پٺيان آسودگي ٿي اچي ۽ ظاهري ذلت پٺيان عزت ٿي اچي. پنهنجو گهرجون بلڪل گهٽائي ڇڏيو، سادگي اختيار ڪريو ۽ جاهلن جي ٽوڪن ۽ طعنن کان نہ ڏڄو. پڪ ڄاڻو تہ عزت ڏيک ويک تي منحصر نہ آهي پر پنهنجي اخلاقن ۽ قومي خدمت تي منحصر آهي.

هاڻي اچان ٿو پگهارن جي سوال تي، هن بہ نسبت منهنجا خيال بلڪل نرالا آهن. منهنجو خيال آهي تہ معلم اهي هجن جي پگهار جو خيال نہ ڪن پر ملڪي ترقي جو خيال ڪن ۽ ظاهري ٺٽ ٺانگر نہ رکن پر خرچ گهٽائي سادگي اختيار ڪن. پر انهيءَ مان منهنجو مطلب اهو ناهي تہ هنن جون پگهارون گهٽ هئڻ گهرجن. بلڪ خيال آهي تہ سندن پگهارون ٻيڻيون ٽيڻيون بلڪ ڏهوڻيون هئڻ گهرجن. ان لاءِ هڪ سبب هي آهي تہ اڄ ڪلهہ جا گمراهہ ماڻهو عزت فقط انهن کي ٿا ڏين جن کي چڱيون پگهارون آهن. اهو ئي سبب آهي جو ويچارن ماسترن کي عزت ڪانہ ٿي ملي ۽ هو پنهنجي شاگردن ۽ پبلڪ کي ڪو بہ فيض ڪو نہ ٿا پهچائي سگهن. ٻيو سبب هي آهي تہ هن وقت ۾ ماستر بہ تہ اهڙا آسماني فرشتا ڪين آهن جو زماني جي رسمن ۽ رواجن کي هڪدم ترڪ ڪري سادگي اختيار ڪري پاڻ کي قرضن ۽ تڪليفن کان آجو ڪن ۽ همہ تن تعليم جي ڪم ۾ مصروف رهن تنهنڪري ضروري آهي تہ ماسترن ۽ معلمن جون پگهارون گهٽائڻ بدران وڌائڻ گهرجن، ڪين کي ٻيون سهوليتون بہ ڏيڻ گهرجن سندن شان ۽ عزت وڌائڻ گهرجي. جڏهن ائين ڪبو تڏهن ئي ملڪ جي ترقي ٿيندي نہ تہ اٽلندو تباهي ايندي.

*(اخبار تعليم آگسٽ 1935ع)*



سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# تعليم جي ضرورت ۽ اهميت

سنڌ جي مسلمانن اجا سوڌو تعليم جي ضرورت محسوس نہ ڪئي آهي. ان ضرورت جي محسوس ڪرائڻ ۽ مسلمانن کي عملي طور راغب ڪرڻ لاءِ وڏي پيماني تي پروپئگيندا ڪرڻ، سيني پڙهيلن تي فرض آهي. خصوصن تعليم کاتي جي عملدارن ۽ معلمن کي هن ڪم ۾ بهرو وٺڻ گهرجي. هن موضوع تي هيٺ نموني لاءِ ليڪچر پيش ڪجي ٿو:-

حضرت رسول ﷺ جي نبوت کان اڳ واري زمانہ کي ايام جاهليت يعني جاهليت جو زمانہ سڏيو ويو آهي. جنهن مان ثابت ٿيو تي جاهليت ڪفر آهي ۽ علم اسلام آهي. پهريون پهريون وحي جو حضرت محمد ﷺ جن تي نازل ٿيو سو آهي اقرا باسم الخ جنهن ۾ پڙهڻ لکڻ ۽ علم ۽ قلم جي فضليت بيان ڪيل آهي. ازان سواءِ علم جي اشد ضرورت بنسبت بيشمار آيتون ۽ حديثون آهن. اهي جيڪو پڙهندو سو هڪدم پنهنجي پٽن ۽ نياڻين کي تعليم ڏياريندو، چو تہ ڪيس پڪ پوندي تہ علم کان سواءِ نکو آهي دين نڪا دنيا.

جڏهن بدر جي جنگ ۾ ڪي ڪافر گرفتار ڪري مديني ۾ آندا ويا، تڏهن رسول الله ﷺ انهن کي چيو تہ توهان انصارن جي پٽن ۽ نياڻين کي لکڻ پڙهڻ سيکاريو تہ پوءِ بنا ڪنهن ٻي چٽيءَ جي آزاد ڪيو ويندو. پوءِ جڏهن هنن ائين ڪيو، تڏهن هنن کي آزاد ڪيو ويو. ان وقت کان وٺي مسلمانن علم ۽ فن ۾ ترقي شروع ڪئي. ڌارين ملڪن جا ڪتاب عربي ۾ ترجمو ڪري پڙهيائون ۽ ڪيترائي علم ۽ هنر پاڻ بہ ڳولي ڪڍيائون. نتيجو اهو ٿيو جو عرب سڄي دنيا تي حڪمراني ڪرڻ لڳا ۽ سڄي دنيا جا استاد ٿي پيا. دنيا ۽ دولت مسلمانن وٽ ڌڪا پئي کاڌا. تهذيب ۽ اخلاق تہ سندن اهڙا هئا جو غير مسلمان مٿن عاشق ٿي، هڪدم مسلمان ٿي پوندا هئا.

مگر افسوس جو عباسي خاندان جا پويان بادشاهہ عياش ۽ بدڪار ٿي پيا. ڪيترائي ڪتاب ساڙائي ڇڏيائون، عالمن ۽ عاقلن کي نوڪرين مان ڪڍي، چاپلوس ۽ بدڪارن کي وڏا عهدا ڏنائون. پوءِ تہ مسلمانن جي پستي ۽ تنزل جو زمانو اچي ويو. تاهم ڪنهن نہ ڪنهن ملڪ جي مسلمانن ۾ چڱا چڱا عالم پيدا ٿيندا آيا مگر هن


www.sindhsalamat.com



Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

وقت اڪثر مسلمان جاهل آهن. جهل جي ڪري مسلمانن حڪومت به وڃائي دولت به وڃائي، اخلاق به وڃايا پر دين ايمان به وڃايو. هو اڄ ڪلهه سيني قومن اڳيان ذليل ٿي رهيا آهن، ٻين جا غلام ٻڌبا ٿا وڃن ته به اڃا غفلت جي ننڊ ۾ ستا پيا آهن. افسوس! صد افسوس!!

وري انگريز ۽ يورپي لوڪ ڏسو ته علم ۽ واپار جي ڪري سڄي دنيا تي حڪمران ٿي پيا آهن. خصوصن انگريزن جو مثال وٺو. انگلينڊ هڪڙو ننڍڙو ملڪ اسان ڪان ست ولايتون ۽ ست سمنڊ پري آهي. ڀريائين ٽن مهينن جو پنڌ هو، هاڻي ٻن هفتن جو پنڌ آهي. ڪٿان اچي ڪتي بادشاهي ڪرڻ لڳا آهن. اسان جو ملڪ سندن ملڪ ڪان چاليهوڻون آهي. گويا ڪوئلي هاٿي کي ڪائي ويئي آهي يا چئجي ته ڪوئلي هاٿيءَ تي حڪم ٿي هلائي. اهو سڀ علم هنر ۽ حب الوطني جو نتيجو آهي. ترڪن جو سلطان ڪن ڏينهن ۾ اڌ دنيا جو بادشاهه هو، مگر ترڪ جيئن علم کي ڇڏيندا ويا تئين ضعيف ٿيندا ويا، تان جو ننڍڙا بادشاهه به ڪائنس ڏاڍا ٿي ويا. هاڻي ترڪن کي علم جو قدر اهڙو پيو آهي جو زالون مڙس، ننڍا وڏا سڀ تعليم ۾ مشغول آهن. جن ننڍي هوندي علم نه پڙهيو سي هاڻي ڏينهن جو پنهنجو ڪم ڪن ۽ رات جي وقت شبانه اسڪول ۾ تعليم وٺن، تنهن ڪري هاڻي وري سندن عاليشان ترقي ٿي ويئي آهي، ايتري قدر جو دنيا جو ڪو زبردست بادشاهه به مٿن حملو ڪرڻ جي جرئت نه ڪندو.

اسان کي به جيڪڏهن ترقي ڪرڻي آهي ته فقط علم ئي هڪ وسيلو آهي. پر اسان جي ماڻهن کي اها به خبر ڪانهي ته ترقي ڪهڙي مردار ڪتي آهي. ترقي جي خبر انهن کي آهي جن سڌريل ملڪن ۾ سير ڪيو آهي. مثلن جپان ۾ وڃي ڏسو ته ڇا حال آهي، هر هڪ مرد خواهه عورت پڙهيل آهي. اتي نڪو آهي پينو نڪو آهي سڄو. اتي جاين کي ڪرف ڪون هٽن، جهيڙن ۽ فسادن بدران محبت ۽ دوستي آهي. ننڍا خواهه وڏا مرد خواهه عورتون پنهنجي پنهنجي ڪم ۾ مشغول آهن. فرصت جي وقت گڏجي رانديون رونديون ۽ جشن ڪندا آهن. گويا رات ڏينهن شاد مانا لڳا پيا آهن. مزدورن ۽ ڪڙمين، ٻارن خواهه وڏن کي اهڙي صفائي ۽ سنائي آهي، جهڙي هت اسان جي اميرن کي به ڪانهي. ننڍا وڏا پوپٽن ۽ پتنگن وانگر چلڪندا وتن. سندن گهرن جي صفائي سينگار اهڙو آهي، جهڙو بادشاهن جي محلاتن ۾. گهر گهر ۾ باغيچو آهي، قرض جو نالو ڪونهي، بيماري اتي ڪا ورلي ٿئي، جي ٿئي ته هوشيار ڊاڪٽرن جي ملڻ ۽ شفا پائڻ ۾ دير ئي ڪانه ٿئي. سچو پڇو ته سڌريل ملڪن جا ماڻهو جيئري ئي بهشت ۾ آهن ۽ سندن ملڪ باغ آرام آهي ۽ اسان جيئري دوزخ ۾ آهيون.

ڪهڙي نه ارمان جي ڳالهه آهي جو جن جو مذهب علم سکڻ تي تمام گهڻو زور ٿو ڏئي، سي جاهل ٿي ويا آهن جن جي مذهب ۾ اهڙو تاڪيد ئي ڪونهي، سي اڳوڻن


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

مسلمانن کان سبق سکي، سيني علمن ۽ هنرن بلڪ اسلامي اخلاقن ۾ گوءِ کٽي ويا آهن. اي مسلمانو! جيڪڏهن توهان کي دنيا ۾ ذليل ٿي رهڻو ناهي ۽ باعزت زندگي گذارڻي اٿو، جيڪڏهن سچائي ۽ بيمارين کان ڇٽي، آسودگي ۽ تندرستي حاصل ڪرڻي اٿوَ، جيڪڏهن ڪفر کان اسلام ۽ دوزخ کان بهشت وڌيڪ پسند اٿو، جيڪڏهن تباهي کان ترقي وڌيڪ پسند اٿوَ ته علم کي وٺو ۽ مڙس ٿي ننڍا خواهه وڏا سڀ علم پڙهو. ڪتب خانا کوليو، هڪ ٻئي کي ڪتاب پڙهي ٻڌايو، وقت اجايو نه وڃايو.

ڪي مسلمان وري زناني تعليم کان اجايو پيا ڇرڪن، حضرت ﷺ جن فرمايو آهي ته طلب العلم فريضة عليٰ ڪل مسلم ومسلمة يعني علم جي طلب سڀ ڪنهن مسلمان مرد توڙي عورت تي فرض آهي. مسلمان اوائلي زماني کان آخري زماني تائين ان حڪم جي تعميل ڪندا آيا آهن. ڏسو آخري زماني جو متشرع بادشاه اورنگزيب عالمگير، جو پنهنجي گذران لاءِ ٽوپيون ٺاهيندو هو ۽ ڪتاب لکندو هو، مگر گهرج هوندي به بادشاهي خزاني کي هٿ نه لائيندو هو. هن پنهنجي نياڻي زيب النساءِ کي ديني خواه دنوي علم سيکاريو. هوءَ وڏي شاعره هوندي هئي ۽ دنيا جي زبردست عالمن ۽ شاعرن سان بحث مباحثو ڪندي هئي. ياد رکو ته توڙي سڀ مرد پڙهيل هجن ته به اسان جي ترقي تيستائين هر گز نه ٿيندي، جيستائين عورتون جاهل هونديون. زناني تعليم کان سواءِ دنيا ۾ ڪابه قوم نڪا سڌري آهي نه سڌرندي.

*(اخبار تعليم سيپٽمبر 1931ع)*


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# علم ۽ ترقي (ڊائيلاگ)

زبيده- ادي! هي جو چوڌاري ”ترقي“، ”ترقي“ جا آواز پيا ٻڌجن اها ڪهڙي بلا آهي؟

حميده- پيڻ! ڏسجي ٿو ته اڄ ڪلهه ترقي انهيءَ کي ٿو چئجي ته ملڪ ۾ ريلون ۽ ڪارخانا هجن، ماڻهو شاهوڪار هجن، زالن ۽ مردن کي ڇوٽ آزادي هجي، ڪائجي پيئجي، موجون ماڻجن، ڇا جو دين ڇا جو ڌرم، نڪا آهي پاپ جي پرواهه، نڪا پڄ جي پڇار.

زبيده - پلا ٻڌاءِ ته سچي ۽ ڪامل ترقي ڇا آهي؟

حميده-1- سچي ۽ ڪامل ترقي اها آهي جو هڪ ته اسان اهڙا تندرست هجون، جو بازن ۽ دماغ جو ڪم ڪرڻ سان ٿڪ ته نه ٿئي پر اٿلندو خوشي ٿئي. 2 - اسان جا اخلاق اهڙا هجن جو سدائين سچ تي قائم رهون ۽ ذات انسان سان محبت رکون، خصوصن پاڙيوارن ۽ مائٽن سان ڀلايون ڪريون. 3 - هوشياري ۽ دنيا جي واقفيت ايتري هجي، جو پنهنجو گذران به ڪشادو ڪمائي سگهون مسڪينن کي مدد ڪري سگهون، پيدائش وڌايون ۽ خرچ گهٽايون. 4 - روحاني طاقت اهڙي هجي جو هر وقت ڌڻي کي ياد رکون ۽ فقط ڪانئس ڊڄون، ايتري قدر جو گناهن کان نفرت پيدا ٿئي ۽ چڱاين ڪرڻ جو دلي چاهه ٿئي.

زبيده- ادي اهڙي ترقي پانيان تي ته هن وقت ڪٿي به ڪانهي. يورپ، آمريڪا ۽ جپان جو هن وقت سڌريل ۽ ترقي يافته سمجهيا وڃن ٿا، سي سچ پچ سڌريل ۽ ترقي يافته آهن ڇا؟

حميده- پيڻ! اهي ملڪ گهٽي قدر سڌريل ۽ زور وارا آهن. علم عقل منجهن گهڻو آهي ۽ شاهوڪار به منجهن گهڻا آهن پر افسوس ته منجهن مذهب جو شوق ڪونهي، عيشن عشرتن ۾ گهڻي قدر غلطان آهن. سادگي ڇڏي ڏني اٿن. مسڪينن سان پوري همدردي ڪانه اٿن. پيون به منجهن ڪي خرابيون آهن جن جي ڪري منجهن گوڙ ۽ فساد گهڻا آهن ۽ گمان آهي ته جيڪا ترقي ڪئي اٿن سا به ڊهي ويندي.

زبيده- پلا هي ته ٻڌاءِ ته دين ڌرم کان سواءِ ترقي ڪري نٿي سگهجي ڇا؟ جي نه، ته


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

پوءِ انهن ملڪن ڪيئن ترقي ڪئي آهي؟
حميده- دين ڌرم ڪان سواءِ ڪجھ بہ ترقي ڪري نٿي سگھجي. انهن ملڪن جيڪا ترقي ڪئي آهي، سا بہ هن ڪري جو ڪيترن ئي ڌرمي اصولن تي عمل ڪندڙ آهن.
زبيده- ڀلا اهي اصول ڌرم ڪان سواءِ رڳو عقل جي وسيلي معلوم ڪري نٿا سگھجن ڇا؟
حميده- هرگز نہ. تاريخ پڙهي ڏسجي تہ اهي سڀ اصول پهريائين پهريائين نبين ۽ رشين سيکاريا، جن کي ڏٽيءَ اسان جي سڌارڻ لاءِ موڪليو. اهو عقل ۽ علم بہ انهن سيکاريو. تاريخ مان هي بہ ڏسجي ٿو تہ جڏهن نبي ۽ رشي پيدا ٿيا، تڏهن جن ماڻهن انهن جي تعليم تي عمل ڪيو سي سچي ترقي حاصل ڪري وڏي اوج کي رسيا. يورپ جا ماڻهو هٺ ۾ پئجي سمجهڻ لڳا آهن تہ هي عقل ۽ علم اسان کي ڏٽي ڪو نہ سيکاريو آهي پر اسان کي پاڻهي حاصل ٿيو آهي. حيف آهي سندن سمجھ تي.
زبيده- ڀلا ايترو تہ ٻڌاءِ تہ سيئي يورپي بي دين آهن ڇا؟
حميده- نہ ادي، سيئي تہ بيدين ڪين آهن، پر بيديني گهٽي تي ويئي آهي خصوصن روس جي ملڪ ۾.
زبيده- جيڪا دنيائي ترقي ۽ شاهوڪاري يورپ، آمريڪا ۽ جپان ڪئي آهي سا چڱي ناهي ڇا؟
حميده- چڱي بيشڪ آهي، پر ان سان گڏ دينداري، پرهيزگاري، سادگي ۽ سخاوت جا گڻ ضرور هئڻ گهرجن نہ تہ پاڻيهي ڏسندينءَ تہ اها شاهوڪاري بہ هلي ويندي ۽ فساد ۽ سجائي جو دؤر شروع ٿيندو.
زبيده- ڀلا اسان جي ملڪ جي حالت ڪهڙي آهي؟
حميده- ادي! اسان جي سنڌڙي ويچاري تہ هر حالت ۾ پست پيل آهي. نہ اسان وٽ دين آهي نہ دنيا. لکين ماڻهو اهڙا مسڪين آهن، جن کي رکي ماني بہ ٻہ ويلا نصيب نہ ٿي ٿئي. سندن ڪکاوان جهوپڙا نہ سج جي گرمي ڪان ڪين بچائي ٿا سگهن نہ سياري جي سرديءَ ڪان. نہ ڪپڙو پورو اٿن نہ اوڇڻ. بيمار ٿين تہ دوا ڪرائڻ لاءِ پائي بہ ڪانهن.
زبيده- اها حالت ڇو ٿي آهي؟ اسان ۾ دين ڌرم ڪونهي ڇا؟
حميده- دين ڌرم جا خيال تہ ماڻهن ۾ آهن، پر اهي فائدي ڏيڻ جي بدران نقصان پهچائيندڙ آهن.
زبيده- سو وري ڪيئن؟
حميده- سبب هي آهي تہ علم نہ هئڻ ڪري سچي ڌرم جي خبر ڪا نہ اٿئون. رڳو ڀرمن، سنسن ۽ خراب رسمن ۾ وڪوڙجي برباد پيا ٿيون. جهل اسان کي زبون


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

ڪري ڇڏيو آهي.

زبيده- پوءِ انهيءَ جو علاج ڪهڙو آهي، اسان ڪيئن ترقي ڪري سگهنداسون؟

حميده- علاج آهي علم علم علم. علم ڪان سواءِ ڪجهه به ڪين ٿي سگهندو، خصوصن ڏرمي علم ضرور هئڻ گهرجي. هڪ ڳالهه جي ڪري ته سڀ علم ڏرمي آهي. جيڪو به علم فائدي وارو آهي سو سڀ ڏرمي علم آهي. وڏي ڳالهه هي به آهي ته زالون سڀ تعليم يافته هئڻ گهرجن. جيستائين سڀ زالون نه پڙهنديون تيستائين ترقي هرگز نه ٿيندي. اها قوم جنهن ۾ مرد پڙهيل هجن ۽ عورتون جاهل هجن، تنهن جو مثال ان ماڻهو جهڙو آهي جو اڌ رنگ جي مرض ۾ ورتل هجي. اڌرنگ جي مرض ۾ هڪڙو پاسو تازو هوندو آهي ۽ ٻيو پاسو سڪي پوندو آهي. اهو ماڻهو چري پري به ڪين سگهندو. پلا جنهن قوم جو اڌ يعني زالون جاهل هونديون، سا قوم اڌرنگ جي بيماري ۾ ورتل نه چئبي ته ڇا چئبي. مطلب ته سچي ترقي حاصل تڏهن ٿيندي جڏهن سڀ مرد ۽ عورتون پڙهيل هونديون.

زبيده- ادي جي ائين آهي ته پوءِ اسان سنڌي ماڻهو ڇو نه ٿا سيئي علم کي لڳي وڃون؟

حميده- سبب هي آهي ته جاهلن کي علم جي فائدن جي خبر ڪانهي. شاهوڪار پنهنجي دولت ۽ حياتي عيش ۽ عشرت ۾ وڃائي رهيا آهن. جن کي سچي علم جي سچي لذت آيل آهي، سي تمام ٿورا آهن. انهن مان به ڪن کي ته طاقت ڪانهي يا همت ڪانهي، جو اتي ڳوٺ ڳوٺ جي محلي محلي ۾ تقريرون ڪري ماڻهن کي سجاڳ ڪن ۽ منجهن علم پرائڻ جو شوق پيدا ڪن.

زبيده- پوءِ تڏهن چئبو ته نا اميدي ڪان سواءِ ٻيو ڪجهه به ڪينهي، اسان ۾ نڪو علم ٿيندو نڪا ترقي.

حميده- نه نه هرگز نه، ڏٺيءَ مان اميد ڪڏهن به نه وڃائبي آهي. اسان کي گهرجي ته ڏٺيءَ ڪان سوال ڪريون ته اسان ۾ ڪي اهڙا ماڻهو پيدا ڪري، جن ۾ پنهنجي ملڪ ۽ قوم لاءِ سچي حب ۽ همدردي هجي، جي پنهنجو سک ۽ آرام ڦٽائي سيني ماڻهن کي ڏٺي ڏانهن سڏين، پاپن ڪان پاسو ڪرائي چڱي وات ڏسين، اسان هندن مسلمانن ۽ ٻين قومن جي وچ ۾ اتفاق ۽ محبت پيدا ڪن ۽ سڀ ڪان وڏي ڳالهه آهي ته اسان ۾ علم جو شوق پيدا ڪن، علم حاصل ڪرڻ لاءِ گهڻا اسڪول ۽ ڪاليج کولائين.

*(اخبار تعليم فيبروري 1933ع)*



سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# دماغي تعليم

رڳو واقعا ٻڌائڻ يا پراوا خيال ياد ڪرائڻ ائين آهي، جيئن ننڍي ٻار کي هٿ ڪان وٺي پنڌ ڪرائڻ. جيڪڏهن ٻار کي رڳو سدائين هٿ کان وٺي پنڌ ڪرائبو ته پاڻ پنڌ ڪرڻ ڪيئن سکندو؟ اهڙيءَ طرح جيڪڏهن شاگرد کي رڳو پراوا خيال پيا ٻڌائجن ته هو پنهنجو دماغ هلائڻ ڪيئن سکندو. هن جو دماغ نه ڪلندو هميشه دٻيل رهندو. هن کي نه تقرير جي طاقت ٿيندي نه دنيائي ڪمن ۾ پوري فيصلي ڪرڻ جي قوت پيدا ٿيندي. هاڻي هڪڙو سادو مثال تو پيش ڪيان، جنهن مان ياد ڪرائڻ واري تعليم ۽ سچي دماغي تعليم جو فرق سمجهڻ ۾ ايندو. اسان وڏن کي ته معلوم آهي ته پاڻي انهيءَ پاسي وهي هلندو آهي، جنهن پاسي هيٺاهين هوندي آهي. مگر ننڍا ٻار يا ته سمجهندا ئي ڪين يا ته ٻڌي ڪٽي ماٺ ڪندا ۽ هنن جي دماغ تي ڪو اثر ڪونه رهندو. جيڪو چڱو ماستر هوندو، سو ڇا ڪندو جو پاڻيءَ جو گلاس ڪٽي هاريندو. پوءِ ٻارن کان پڇندو ته ڇاڪيم. هو چوندا ته پاڻي هاريو. وري پڇندو ته پاڻي ڪهڙي پاسي وهي هليو آهي. هو چوندا ته ڏکڻ پاسي. ڇو نه اتر پاسي وهي هليو؟ ٻار ٿورو ويچار ڪري جواب ڏيندا ته اتر پاسي مٿاهين آهي. هن مان ڇا سکيو؟ جواب ته پاڻي اوڏانهين ئو وهي جاڏي هيٺاهين آهي. هي جو پرسان واه ٿو وهي سو ڪهڙي طرف کان ڪاڏي ٿو وهي؟ جواب - اڀرندي کان الهندي. انهيءَ مان ڇا ٿا سمجهو؟ جواب ته هتي هيٺاهين الهندي طرف آهي، تڏهن ٿو واه جو پاڻي ايڏاهن وهي، انهيءَ طرح سوالن ڪرڻ ۽ جوابن وٺڻ مان هڪ ته ٻارن کي مزو ٿو اچي، ٻيو ته ڪين تقرير ڪرڻ جي طاقت ٿي ٿئي، ٿيون ته هو غور ڪرڻ ٿا سکن ۽ انهيءَ طرح جيڪا معلومات ٿا حاصل ڪن يا جيڪو ٿا سکن، سو سندن دماغ ۾ ويهي سندن ملڪيت ٿي ٿو وڃي.

سچي دماغي تعليم ڏيڻ لاءِ سائڪالوجي (من جي سائنس) جو سکڻ ضروري آهي، جو هڪ وڏو علم آهي. مگر رڳو سائڪالوجي ايترو فائدو نٿي ڪري، جيترو پاڻ ٻارن جي خيالي حالت جاچڻ ۽ تجربي مان ٿو ٿئي. استاد جيڪڏهن شوق سان تعليم ڏين ۽ آزمودي مان پنهنجو پڙهائڻ جو رستو سڌاريندا وڃن ۽ ٻين آزمودگار ماسترن جي پڙهائڻ جو نمونو ڏسن ته جيڪر گهڻو سڌارو ٿي پوي. مگر اڄوڪن


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

معلمن کي پورو شوق ڪونهي. هو پنهنجن شاگردن جي دماغ سڌارڻ بدران اٽلندو هنن جي طاقت خراب ڪري دنيائي ڪمن خواه ديني امورن ۾ بيڪار ڪري ڇڏين.

مٿين بيان مان معلوم ٿيندو ته شاگردن کي رڳو معلومات يا خيالن پڙائڻ بدران سندن پنج حواس ۽ ڇهون دماغ ڪم آڻائڻ گهرجي. علم حاصل ڪرڻ جو اصلوڪو ۽ بهتر طريقو آهي ئي اهو. اکين جي وسيلي اسان شيون سڃاڻون ٿا انهن جو رنگ ۽ قد قامت معلوم ٿا ڪريون ۽ رنگ وغيره ٿا ڄاڻون. هٿن جي وسيلي کهرائي نرمائي وغيره جي خبر ٿي پوي. زبان جي وسيلي شين جو ذائقو ٿا معلوم ڪريون نڪ جي وسيلي شين جي سرهاڻ يا بدبو جي خبر ٿي پوي ڪنن جي مدد سان آوازن جا قسم ٿا سڃاڻجن. دماغ جي وسيلي معلومات تي غور ڪري، نتيجا ٿا ڪڍجن ۽ خيالن جي پيٽ ڪري فيصلو ٿو ڪجي. اهڙيءَ طرح تعليم ڏيڻ لاءِ اسڪول ۾ شين جي هئڻ جو ٻه ضرور ٿو ٿئي ۽ وڏن اسڪولن ۾ قسمن قسمن جون شيون ٻه رکيل هونديون آهن، مگر سڀ شيون نه ٿيون رکي سگهجن. تنهنڪري جيتري قدر ٿي سگهي اوتري قدر شاگردن ۾ اها عادت وجهجي ته هو پاڻ دنيا ۾ اکيون کولي هلن ۽ پنهنجي حواسن جي وسيلي معلومات حاصل ڪن.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

# سبقن جي سمجھاڻي ۽ انھن تي سوال پڇڻ
## (تدريسي عمل جي جاچ)

ڏاڍي ارمان جي ڳالھ آھي، جو ڪي ماستر درسي ڪتاب، تاريخون ۽ جاگرافيون اھڙيءَ طرح ٿا پاڙھين، جھڙيءَ طرح ملان قرآن شريف پاڙھيندا آھن. قرآن شريف تہ عربي زبان ۾ آھي، تنھنڪري ملان جو ڏوھ ڪونھي، پر پنھنجي مادري زبان بنا سمجھڻ جي پڙھجي، سا حيرت جھڙي ڳالھ آھي. اھو ئي سبب آھي، جو ماسترن خواھ شاگردن ۽ عام ماڻھن ۾ ڪتابن پڙھڻ جو شوق ڪونھي. اھو ئي سبب آھي، جو جيڪي شاگرد اسڪول مان پڙھي ٿا نڪرن، سي جاھلن کان ڪو ٿورو بھتر آھن. اسڪولن جو مقصد آھي قوم جي ترقي ۽ زندگي ۾ ڪاميابي ۽ خوشنودي. پر بنا سمجھ پڙھڻ جي ڪري نہ شاگرد تندرستي جا فائدا ٿا سکن، نہ نيڪ اخلاق ۽ نيڪ عادتون ٿا پرائين، نہ پرمن ۽ سنسن کان ڇٽن ۽ نہ اھڙو هوش و عقل ۽ عام واقفيت حاصل ٿا ڪن، جي ھنن کي آئينده جي زندگي ۾ مفيد ٿين. گويا رعيت جا ڪروڙين رپيا ۽ شاگردن جي حياتي جو قيمتي حصو گھٽي قدر اسڪولن ۾ اجايو پيو ضايع ٿئي. جيڪڏھن ڪن ماسترن جا شاگرد بنا سمجھ جي ڪتاب، تاريخون وغيره رڳو پڙھن ٿا تہ پوءِ اھي ماستر ڪھڙو ڪم ٿا ڪن؟ سندن فرض اھو ئي آھي تہ سبقن مان سمجھ وارا سوال پڇن ۽ جڏھن شاگرد خاطري جھڙا جواب ڏيئي سگھن، جنھن مان پڪ ٿئي تہ ھاڻي شاگردن سبق جو مطلب سمجھي ورتو آھي، تڏھن پيو سبق سيکارين.

اسان روبرو ماسترن کي چوندا آھيون تہ سوال پڇي ڏيکاريو. گھڻو ڪري ماسترن کي سوال پڇڻ ڪين ايندا آھن، جنھن مان پڻ پڪ پوندي آھي تہ انھن ماسترن ڪڏھن بہ سوال نہ پڇيا آھن. سوالن پڇڻ بنسبت ڪي خاص ھدايتون آھن، جن جي تعميل ڪرڻ کان سواءِ سوالن مان ڪجھ فائدو نٿو نڪري. اھڙيون ھدايتون تعليم اخبار آگسٽ 1916ع ۾ ڏنل آھن. ھر ھڪ اسڪول جي ماسترن کي گھرجي تہ ھفتي ۾ ھڪڙو پيرو گڏجي اٽڪل 15 منٽ ڪن سوالن پڇڻ جو استعمال ڪن ۽ شاگردن کي ڇڏي ڏيڻ بعد ھڪ ٻئي جون خاميون ٻڌائين.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ياد رکڻ گهرجي تہ سيني کان مکيہ کم آهي ڪتاب جي سبقن ۾ بيتن جو پڙهڻ ۽ سمجهڻ. پڙهجي اهڙيءَ طرح، جيئن هوبهو ڪنهن ماڻهو ڪي روبرو ڪا ڳالهہ ٻڌائبي ۽ سمجهائبي آهي.

سمجهڻ جي عادت شاگردن ۾ تڏهن پوندي، جڏهن استاد پهريائين شاگردن کي مختصر ڳالهہ ڪري ٻڌائيندو، جا ڳالهہ شاگرد پوءِ پاڻ گهران پڙهي ايندا ۽ ماستر انهن کان ان تي سوال پڇندو. تنهن کان سواءِ بعضي بعضي شاگردن کي چئجي تہ هي اڻ پڙهيل سبق دل ۾ چپن چورڻ کان سواءِ پڙهي سمجهي وٺو تہ پوءِ توهان کان سوال پڇجن. پوءِ سوال پڇي ڏسجي تہ منجهن سمجهي پڙهڻ جو انگ پيدا ٿيو آهي يا نہ؟

ماستر سمجهن ٿا تہ سوالن ۾ اصولن سان تعليم ڏيڻ ۾ تڪليف گهٽي آهي. حقيقت ان جي ابتڙ آهي يعني تڪليف گهٽ ۽ نتيجو بهتر ٿو ٿئي، ڇو تہ شاگردن جو دماغ جلد ئي کلي ٿو پوي ۽ منجهن خيال ملائڻ ۽ غور ڪرڻ جي عادت ٿي پوي پوءِ ڪم سولو ٿيو پوي، پر ڳالهہ ڇا آهي تہ ماسترن پاڻ کي سوال پڇڻ تي هيرايو ئي نہ آهي، تنهنڪري سوال پڇڻ ئي هنن کي ڏکيا ٿا لڳن. تنهنڪري ڪين استعمال جي ضرورت آهي.

*(اخبار تعليم آڪٽوبر 1927ع)*


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

# ورنيڪيولر فائينل امتحان 1928ع جي مضمون جو پيپر

هن سال لاڙڪاڻي سينٽر جي مضمون جا پيپر اسان ڏٺا ۽ جي خاميون ڏسڻ ۾ آيون ۽ جي ريمارڪ ڪرڻ مناسب سمجهون ٿا، سي هيٺ ڏجن ٿا:-

هڪ وڏي خامي اميدوارن ۾ هيءَ آهي، جو لکڻ بعد نظرثاني خبرداريءَ سان نٿا ڪن، جنهنڪري خسيس چڪون بہ درست ڪونہ ٿا ڪن. هنن قسمن جون چڪون عام ڏسڻ ۾ آيون.

1 - مان باغ ڏي ٿي ويس تہ هڪڙ ماڻهو گڏيو منهنجا پيا دوست.
2 - هن ڪي بہ ٽنگون اٿس.
3 - مون کي توهان جي والد جي وفات جو ٻڌي مون کي ڏاڍ ارمان ٿيو.
4 - انبن جو رنگ ڳاڙها ٿيندا آهن.
5 - اڪين ۾ ڪين پوندي اٿس (مٽي يا واري جو لفظ ڇڏيل).
6 - ڪالهہ صبح جو سوير سوير باغ ۾ ويو هوس (هڪ لفظ بہ پيرا).

ٻي عام خامي اها آهي، جو هميشہ اها ڪوشش ٿا ڪن تہ جيڪي ڪتابن ۾ پڙهيو اٿئون، سو ڪيئن بہ ڪري مضمون ۾ نيون. انهي ڪري اهڙيون ڳالهيون بہ مضمون ۾ آڻين ٿا، جي گهربل ناهن ۽ ڪيتريون ئي اهڙيون ڳالهيون نٿا لکن، جي سچ پچ گهربل آهن. اهو نتيجو آهي طوطي واري تعليم جو. پنهنجو دماغ نٿا هلائين، پنهنجي ذاتي آزموده ۽ پنهنجي ذاتي معلومات پنهنجن لفظن ۾ سلسلي وار لکڻ جو استعمال بلڪل ٿورو اٿن. مثلن باغ جي سير واري مضمون ۾ ڪن اميدوارن فقط ڪن بيتن کي نثر ۾ آندو (هڪ موتي آئي مند تي واهہ واهہ رت بهار ٻيو رتيون مڙيوئي پليون ڪانهي تل بهار) هڪڙي اميدوار ”چوڌار“ بہ هڪ گل جو قسم سمجهي گلن ۾ شمار ڪيو.

ڪيترائي اميدوار سوال چڱي طرح پڙهي نٿا ڏسن، تنهن ڪري سڄو مضمون غلط ٿيو پوي. مثلن ڪن اميدوارن ميجر تي مضمون لکڻ بدران ڍڳي ۽ ميجر جي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

آڪاٽي لکي.

ڪي شاگرد مضمون جي اندر هر هڪ فقرو شروع ڪرڻ واري جاءِ تي ٽپ نمبر 1 ٽپ نمبر 2 ٽپ نمبر پهرئين جو جواب ٽپ نمبر ٻئي جو جواب لکن ٿا، جو بلڪل نه لکڻ گهرجي. ڪي اميدوار اجا ايترو به نه سکيا آهن ته هر هڪ ٽپ کي ڪولڻ لاءِ جدا جدا فقرو نئين سٽ کان شروع ڪجي ۽ اها سٽ ڪجھ جاءِ ڇڏي پوءِ شروع ڪجي ۽ فقرن جي وچ ۾ ڪجھ جاءِ ڇڏجي انهي لاءِ ته هر هڪ فقرو جدا ٿي بيهي. ڪيترائي اميدوار انگن سان تمام گهٽي دل ٿا رکن. سڄو مضمون انگن سان ڀريو پيو آهي. مثلن:

1 - اٺ ڪارا ٿيندا آهن.

2 - اٺ اڇا ٿيندا ٿيندا آهن.

3 - اٺ گورا ٿيندا آهن.

اٺ 1 - ٻير 2 - لئي 3 - لاٽو 4 - مٽر 5 - ڪنڊي وغيره کائيندا آهن.

گهٽا اميدوار جيڪو لفظ غلط لکي ٿا ويهن، تنهنکي ترڪڻ جي بدران ان جي مٿان هي X نشاني ٿا ڏين. انهي ڪري پڙهندڙ کي تڪليف ٿي ٿئي غلط لفظ ترڪي ڇڏجي.

ڪي اميدوار سوال جي پيپر ۾ يا جي معنيٰ نٿا سمجهن. مثلن ڪن اميدوارن اٺ، مڃر، انب ٽنهين تي مضمون لکيو. خبر ناهي ته ڄاڻي واڻي ٺڳي جي ارادي سان ائين ٿا ڪن يا بيوقوفي ٿا ڪن.

ڪي اميدوار اجا ڏيگھ ٿا ڪن. ٻيا وري تمام وڏا اکر ۽ تمام ويڪريون سٽون لکي اجايو نوٽ بوڪ ضايع ٿا ڪن.

”اٺ هي هڪڙو گهرو جانور آهي“ هن قسم جي چوڪ به عام آهي. يا رڳو ”اٺ“ جو لفظ وجهجي يا رڳو ”هي“.

ڪن اميدوارن هن قسم جا جملا ڪم آندا. هن کي چار ٽنگون به ڪن به ناسون ..... آهن. هن کي اکيون آهن، جن سان هو ڏسي ٿو. ڪن آهن، جن سان هو ٻڌي ٿو .... وغيره وغيره. (1) اٺ هڪڙو جانور آهي، جنهن کي اٺ تو چئجي. (2) اٺ جا به پاڳا آهن. (1) ڏڙ (2) سسي. ڏڙ ۾ 4 ٽنگون آهن ۽ انهن ٽنگن ۾ به ڪن اٿس ٻيو مغز آهي. هي جملا حيرت ۾ وجهڻ جهڙا آهن. اهو بيان سڀ ڪنهن چوپائي جانور سان ٿو لڳي نه رڳو اٺ سان. اٺ جي بيان ۾ سندس قد، رنگ ۽ خاص عضوا جهڙوڪ ڏگهي ڳچي ٿوهو ۽ اکري جي تري جهڙا پير وغيره بيان ڪجن جئين بيان مان ئي اٺ جي تصوير اکين آڏو اچي وڃي.

ڪي اميدوار زمانن ۾ ڏاڍيون غلطيون ٿا ڪن. مثلن باغ ۾ ويس ته ڏاڍو ڇهڇٽو لڳو پيو آهي. پکين لاٽيون پي ڪيون ته ڪٽي وري گل پيا ٿا ٻهڪن. خط جي مٿان


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڳوٺ جو نالو ۽ تاريخ ۽ پڇاڙي ۾ لکندڙ جو نالو گهٽو ڪري ڪونہ ڄاڻايل هئا. ورنيڪيولر فائينل پاس ڪيل ماڻهو اهڙا خط لکن، جن ۾ نکو لکندڙ جي ڳوٺ جو پتو هوندو تہ پوءِ سندن لياقت ۽ تعليم ڪهڙي چئبي؟ خطن ۾ ڏکي عبارت سان گڏ ٻيا جو لفظ بہ آندو جئين ”ٻيا وغيره“ انن جو رنگ خاڪي ۽ ٻيو وغيره ٿيندو آهي.

## هاڻي اچون ٿا سوالن تي

پهريون سوال آهي تہ عذر خواهي جو ليٽر لکو. ڪن اميدوارن لکيو آهي تہ توهان جو پيءُ هت اسان وٽ مري ويو آهي، معاف ڪجو جو اسان توهان کي اطلاع ڪونہ ڏنو. پرچاڻي جو لفظ اتر سنڌ جا مسلمان ڪم ڪونہ آڻيندا آهن، سو ڪي مسلمان منجهي پيا، انهن لکيو تہ اسان جو پاڻ ۾ تڪرار هو، سو وساري پاڻ ۾ پرچي وڃون، پر گهڻن اميدوارن اهو خط چڱيرو لکيو.

ٻيو سوال آهي تہ گدڙ ۽ ڏاک واري آکاڻي جا ٽپ ڪيو. ڪن اميدوارن ٽپڻ ڪيڻ بدران سڄي آکاڻي لکي ۽ ڪن وري گدڙ ۽ ٻگھ جي آکاڻي. جن ٽپ ڪيا، تن مان ڪن هن طرح ڪيا:

1 - آکاڻي 2 - نتيجو 3 - مثال.

ڪن هن طرح ڪيا: 1- گدڙ ڏاک ڏٺي 2- پٽي ڪاٺڻ لاءِ ٽپا ڏنائين 3-ڪامياب نہ ٿيو 4 - ڦهاڪو ڏنائين.

ڪن وري هن طرح ڪيا: 1 - گدڙ جي بناوٽ ۽ شڪل 2 - سندس ڪاڄ ۽ عادتون 3 - فائدا.

حقيقت ۾ ٽپ هن طرح لکبا: 1 - گدڙ جي ڏاک کي ڏسڻ ۽ دل سرڪڻ 2 - ٽپا ڏيئي پٽڻ جي ڪوشش ڪرڻ 3 - فتحياب نہ ٿيڻ 4 - ڏاک کي کٽو ڪوٺڻ.

ٽيون سوال هو تہ مڇر يا اٺ يا انب تي مضمون لکو. ڪن اميدوارن ٻن تي يا ٽنهين تي مضمون لکيو. ڪن اميدوارن ڏٺي ۽ مڇر جي آکاڻي لکي. مڇر جي مضمون ۾ ڪي اميدوار سائنس ۾ وڃي پيا. بيشڪ ائين لکي سگهجي ٿو تہ مڇر مان سرءُ جو تپ ٿئي ٿو، پر رڳو اها ڳالھ ويهي سمجهائڻ ۽ ان جي روڪڻ جا اپاءُ ٻڌائڻ، سو مڇر تي مضمون نہ چئبو. پر ڪيترن ئي اميدوارن کي در حقيقت اها بہ خبر ڪانہ هئي تہ مڇر مان ڪهڙي بيماري ٿي ٿئي ۽ ڪيئن ٿا جيوڙا پکڙجن. مثلن ڪنهن لکيو تہ هوا مان اڏامي وڃي ٿا پيٽ ۾ پون، ڪن لکيو تہ ڦڦڙن ۾ ٿا پون، ڪن لکيو تہ مڇر مان وبا ۽ پليگ ٿو ٿئي. تعليم جو اصول آهي تہ ٿورو ئي سيکارجي پر چڱي طرح سيکارجي. ڪا بہ ڳالھ چڱي طرح سکيل نہ هوندي تہ ڪيئن ان تي عمل ڪري پنهنجو ۽ ٻين جو فائدو ڪبو.

چوٿون سوال هو تہ باغ جي سير تي مضمون لکو. انهي مضمون ۾ اميدوارن


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

شاعرانه خيال لکڻ (عبارت ڪرڻ) جي ڪوشش ڪئي. گويا وجد ۾ اچي ڪپڙن ڪان ٻاهر نڪري پيا ويا ۽ ڪل جهڙا لفظ ۽ جملا ڪم آندائون. هڪڙي اميدوار سير ڪي سير سمجهيو. ڪن اميدوار "باغ" جي سير تي مضمون نه لکيو پر "باغ" تي.

ڪن اميدوارن ڪنهن خاص باغ تي مضمون لکيو ته ڪن وري عمومن باغ جو بيان ڏنو ۽ ڪن وري ٻئي ڳالهيون گڏي پي وڌيون، جنهنڪري ائين سمجهه ۾ نه آيو ته ڪنهن خاص باغ جو بيان ٿا لکن يا ڪنهن خيالي باغ جو. وڏي ۾ وڏي خامي اها هئي، جو ڏاڍا ڪوڙ ڪثيائون. مثلن لکيائون ته لاڙڪاڻي واري گيان باغ ۾ ڪويل جي ڪونجار، بلبلن جو راڳ، قمرين جي ڪـ ڪـ ۽ چيهن جي چه چه لڳي پيئي هئي. گلن جا نالا به مضمون ۾ اهڙا اچي گڏ ڪيائون، جي ڪڏهن حياتي ۾ به نه ڏٺا هوندائون. ڪوڙو مضمون ڪڏهن به مزو نه ٿو ڏئي. ان مان اٽلندو ڏوڪو ٿو اچي ۽ نفرت ٿي پيدا ٿئي. ڪن اميدوارن انهي ڳالهه تي زور آندو ته باغن جا وڻ ٻوٽا ڪاربانڪ ائسڊ ڪائين ٿا ۽ آڪسيجن ڪڍن ٿا، تنهنڪري اسان ڪي تازي هوا ٿي ملي. ڪن رڳو باغن جي فائدن تي زور ڏنو خصوصن انهي فائدي تي ته باغن مان وڏي پيدائش ٿي ٿئي.

*(اخبار تعليم نومبر ڊسمبر 1928)*



سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# مدل اسڪول اسڪالرشپ امتحان سيني قومن جي شاگردن لاءِ ڪليل پيٽ

اهو امتحان هر سال فيبروري مهيني ۾ وٺڻ ۾ اچي ٿو. درخواستون پوري فارم ۾ 15 جنوري کان اڳ پريزيڊنٽ صاحب کي پهچڻ گهرجن. پريزيڊنٽ گهڻو ڪري ضلع جي گورنمينٽ هاءِ اسڪول جو هيڊ ماستر صاحب هوندو آهي، جتي گورنمينٽ هاءِ اسڪول نه هوندو ۽ ڪاتو لوڪل کي مليل هوندو، اتي سينيئر اسسٽنٽ صاحب، جي نه ته ڊيپوٽي ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر صاحب. ڪنهن به ماستر وٽ فارم نه هجن ته ڊسمبر مهيني ۾ پريزيڊنٽ صاحب کان آڻائي وٺجن. فارم گهٽا ڏينهن اڳي پرائي موڪلجن، انهيءَ لاءِ ته جيڪڏهن موٽ سوٽ ٿئي ته به 15 جنوري کان اڳي پريزيڊنٽ صاحب کي آخري طور پهچائي وڃن. سرڪيولر تائين ترسڻ نه گهرجي، جو ته نوٽيس اڪثر ڪري دير سان ٿو پهچي ۽ تعلقي وارن کي به سرڪيولر پهچائڻ ۾ دير ٿي ٿئي. اسڪالرشپ انگريزي پڙهڻ لاءِ ملندي. ماسترن کي هن ڳالهه ۾ غفلت ڪرڻ نه گهرجي. ٻهراڙيءَ ۾ گهڻائي ذهين شاگرد ڏسجن ٿا، جي اهي اسڪالرشپون ڪٽي سگهندا. حرڪت ناهي جيڪڏهن اسڪالرشپون ٿوريون آهن. اهڙو امتحان ڏيڻ ئي فائدي وارو آهي.

هر هڪ ضلع لاءِ 3 اسڪالرشپون آهن، جن مان ٻه سيني قومن لاءِ ڪليل آهن ۽ باقي هڪ پست پيل قومن لاءِ، سواءِ مسلمانن جي. ڪليل اسڪالرشپ جي اميدوارن جي عمر تاريخ پهرين فيبروري تي 11 ورهين کان مٿي نه هجي پوءِ ڪهڙي درجي ۾ هجي، ڪٿي انگريزي اسڪولن ۾ هجي. امتحان سنڌي چوٿين درجي جي ڪمن ۾ ٿيندو. جيڪي شاگرد اها اسڪالرشپ ڪٽندا، سي اپريل جي شروعات ۾ وڃي ڪنهن انگريزي اسڪول ۾ داخل ٿين. جيڪڏهن ڪو مسلمان شاگرد اها اسڪالرشپ ڪٽندو ته هن کي شايد ڏهه رپيا ماهوار اسڪالرشپ ملندي، اسڪالر شپ ڪٽندڙ شاگرد جناب ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر صاحب جي اڳواٽ منظوري کان سواءِ هڪڙو اسڪول ڇڏي ٻئي اسڪول ۾ نه ويندو.

اسپيشل اسڪالرشپون جيڪي خاص مسلمانن لاءِ آهن ۽ ڪي خاص ٻين ڪن پست پيل قومن لاءِ آهن، تن جا رول ٻيا آهن. *(اخبار تعليم آڪٽوبر 1927ع)*



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# بلند خيالي (IDEALISM)

ماسترن کي گهرجي تہ شاگردن ۾ بلند خيالي ۽ قومي خدمت جا انگ پيدا ڪن. انسان ۽ بين حيوانن ۾ تفاوت اهو ئي آهي تہ انسان کي خدا تعاليٰ عقل ڏنو آهي ۽ انهي ڪري مٿس جوابداريون بہ وڏيون رکيون ويون آهن. ڪنهن شخص جا عمل نہ رڳو مٿس اثر ٿا ڪن، پر سڄي معاشري تي اثر پيدا ٿا ڪن سو بہ هميشہ لاءِ سيني مذهبن موجب هي زندگي فقط هڪ مسافريءَ جي مثال آهي. منزل مقصود اڳتي آهي. جيڪي هن دنيا ۾ پوکبو سو ئي آخرت ۾ لڻبو. جيڪڏهن انسان جي حياتي جو مقصد رڳو هجي ها کائڻ پيئڻ وغيره تہ پوءِ انسان ۽ ڪتن ٻلن جي وچ ۾ ڪهڙو تفاوت ٿيو؟ الله تعاليٰ انسان کي نہ رڳو عقل ڏنو آهي، پر ٻين سيني حيوانن کان صد بار وڌيڪ نعمتون بخشيون اٿس. پر انهيءَ ئي عقل ۽ نعمتن جي ڪري مٿس جوابداريون بہ تمام ڳريون رکيل آهن. انسان ۾ چڱن خاصيتن سان گڏ شيطاني وسوسا بہ رکيل آهن. انسان جو فرض آهي تہ عقل، علم ۽ مذهب جي وسيلي شيطاني خيالن کي وس ۾ رکي، سٺين خاصيتن کي زور وٺائي. پر اهو فرض ڪو انسان کي تڪليف ۾ وجهڻ لاءِ ڪون رکيو ويو آهي، ان ۾ انسان جو ئي فائدو آهي. جيڪڏهن هو شيطاني خيالن تي عمل ڪندو تہ پاڻ ئي مصيبتون ڏسندو ۽ ڪنڌ پر ڪرندو ۽ جيڪڏهن سٺن جذبن تي عمل ڪندو تہ سعادت ۽ ترقي نصيب ٿيندس.

گناهہ جا ڪم ڪهڙا آهن ۽ ثواب جا ڪهڙا، سي گهڻو ڪري سڀ ڪنهن کي معلوم آهن، پر سيني گناهن ۾ عظيم گناهہ آهي. ٻئي جو نقصان ڪرڻ يا ٻئي کي ناحق رنجائڻ ۽ سيني کان وڏو ثواب جو ڪم آهي ٻئي کي جائز طرح فائدو پهچائڻ يا ٻئي جي دل خوش ڪرڻ. سڀ ڪنهن انسان کي ٻين سيني انسانن سان دلي محبت ۽ همدردي هئڻ گهرجي. ذات انسان سان محبت رکڻ آهي الله تعاليٰ سان محبت رکڻ. ٻئي سان عداوت يا بغض رکڻ آهي الله تعاليٰ سان عداوت ۽ بغض رکڻ. وڏي ڳالهہ تہ هي آهي تہ اگرچہ پاڻ کي تڪليفون ڏيئي ۽ خود قرباني ڪري ٻين جو فائدو ٿو ڪجي تہ بہ آخر پنهنجو ئي فائدو ٿو ٿئي ۽ عزت ۽ خوشي وڌي ٿي. جيڪڏهن ٻين جو نقصان ٿو ڪجي تہ آخر پنهنجو ئي نقصان ٿو ٿئي. ڏسو تہ جيڪڏهن سڀ ماڻهو هڪ


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

ٻئي کي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪن ته جيڪر ڪيترو نه سڀ ماڻهو مصيبتن ۾ اچي وڃن ۽ جيڪڏهن سيئي ماڻهو هڪ ٻئي سان چڱاين ڪرڻ جي ڪوشس ڪن ته دنيا ڪهڙو نه وڻندڙ بهشت ٿي پوي. پر انهيءَ نيت سان چڱائي نه ڪجي ته ان مان پنهنجي عزت وڌندي، ان خود غرضيءَ سان ڪڏهن به هن جي عزت نه وڌندي، اٽلندو شرمساري ۽ بي عزتي پيش ايندس. سچي دل ۽ سچي محبت ۽ سچي همدردي سان ٻين جي ڀلائي ڪرڻ مان ئي سڀ چڱا نتيجا ٿا نڪرن.

ڪچي ڪان ئي شاگردن ۾ اهي اثر وجهجن ته توهان بي زبان حيوانن وانگر ڪين آهيو. توهان ۾ الله تعاليٰ وڏي حڪمت رکي آهي. توهان جيڪڏهن هاڻي کان ئي چڱيون عادتون پرايو ۽ علم ۽ عقل پرائڻ جي ڪوشش ڪيو ۽ ٻين سان همدردي ۽ ڀلائي ڪرڻ جو گڻ پاڻ ۾ پيدا ڪيو ۽ حب الوطن رکو ته وڏي هوندي توهان وڏا ڪم ڪري سگهندو ۽ پنهنجي ملڪ جي ترقي ڪري قوم جا ليڊر بڻبو. ملڪ جي آئنده ترقي جو مدار اوهان تي ئي آهي. اوهان مان هر هڪ کي ملڪ جي خدمت لاءِ تيار رهڻ گهرجي. اوهان مان هر هڪ ائين سمجهي ته مان پنهنجي ملڪ ۽ قوم لاءِ گهڻو ئي ڪري سگهندس.

اهڙي طرح سڀ ڪنهن ڳالهه ۾ شاگردن ۾ اعليٰ ۾ اعليٰ جذبا پيدا ڪجن ۽ منجهن نيڪ خيال وجهجن. انهيءَ لاءِ چڱو آهي ته ماستر مهيني ۾ هڪڙو پيرو ميٽنگ ڪري تقريرون ڏين.

*(اخبار تعليم مارچ 1929ع)*


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# مضمون نويسي

سنڌ جي اسڪولن جا شاگرد مضمون نويسي ۾ تمام ڪمزور آهن. مضمون نويسي جو مطلب آهي پنهنجي خيالات جو اظهار ڪرڻ: ليک ۾ يا زباني طور خيالات جي اظهار ڪرڻ ڪي تقرير ٿو چئجي. انهن جو پاڻ ۾ بلڪل گهڻو لاڳاپو آهي. جو شخص ڳالهائڻ ۾ پنهنجي خيالات جو اظهار چڱي طرح ڪري سگهندو، سو گهڻو ڪري مضمون نويسي ۾ به چڱو هوندو، بشرطيڪ استعمال ڪندو رهي. دنيا ۾ هي ٻئي فن تمام ڪارائتا ۽ تمام ضروري آهن. جو شخص پنهنجو مطلب چٽن ۽ اثرائتن لفظن ۾ ادا ڪري نه ٿو سگهي، سو پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿي نٿو سگهي. هو بيوقوف سمجهيو وڃي ٿو ۽ ڪنهن به معاملي ۾ اگرچه هو سچو هجي ته به هارائي ٿو. دنيا ۾ غلط فهميون، جهيڙا فساد ۽ ڪروڙن جا نقصان گهڻا هن ڪري ٿا ٿين، جو ڳالهائڻ ۾ چٽا ۽ اثرائتا لفظ ڪم ڪونه آندا ٿا وڃن. مثلن ڪا به گفتگو ٿي ڪجي يا نياپو ٿو موڪلجي ته يا ته ڳالهائيندڙ ۽ نياپو موڪليندڙ پنهنجو مطلب چٽيءَ طرح ظاهر ڪري ڪونه ٿو سگهي يا ته ان گفتگو جو بيان ڪندڙ يا نياپو پهچائيندڙ ان ڪي پنهنجي ڪم لياقت سبب ڦيرائي ٿو ڇڏي، جنهن ڪري ڳالهه مان ڳالهاڙو ٿيو پوي ۽ قسمن قسمن جا نقصان رسيو وڃن. رڳو واٽ ويندي ڪنهن ماڻهو کان رستو پڇبو آهي ته هو چڱي طرح سمجهائي ڪين سگهندو آهي ۽ پلجي سڪپور جي بدران پينگپور وڃي نڪربو آهي.

اسڪولي شاگردن جي ڪم لياقتي جو وڏو سبب هي آهي، جو هنن جي تعليم ئي ناقص آهي. ڪو ورلي ماستر هوندو، جو شاگرد جي دماغ کان ڪم وٺندو هوندو، سوالن ۽ گفتگو جي رستي تعليم ڏيندو هوندو ۽ صحيح ۽ سالم جملن ۾ جواب وٺندو هوندو. جيڪڏهن ڪو ماستر ڪٿي سوال پڇندو ته به چڱن لفظن ۾ جواب وٺڻ جي ڪوشش ڪو ورلي ڪندو هوندو. منهنجي پنهنجي راءِ آهي ته گهڻو ڪري سڄن جملن ۾ جواب وٺجي. انهي لاءِ ته شاگردن کي جملن ڳالهائڻ جو استعمال ٿئي. مثلن جيڪڏهن پڇجي ته هن تصوير ۾ ڇا آهي؟ ته جواب ڏجي ته ”هن تصوير ۾ به ماڻهو، وڻ ۽ هڪ طوطو آهي.“ اهو طوطو ڪٿي وينو آهي؟ اهو طوطو وڻ تي وينو


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

آهي. ”سڀ ڪنهن گاڏي هلائيندڙ کي چو پنهنجو ڪهو پاسو وٺڻ گهرجي؟“ سڀ ڪنهن گاڏي هلائيندڙ کي پنهنجو ڪهو هن لاءِ وٺڻ گهرجي جو ائين ڪرڻ ڪري گاڏيون هڪ ٻئي سان نہ ٽڪربيون. منهنجو ذاتي خيال آهي تہ نہ رڳو اهڙي طرح سيني ڪمن، ڪتاب جاگرافي، تاريخ وغيره ۾ جواب وٺجن، پر سبق جو مطلب پنهنجن ۽ ٿورن لفظن ۾ چورائجي انهي لاءِ تہ هن ۾ تقرير جي لياقت پيدا ٿئي. ٻئي ڏينهن وري ٻئي شاگرد کي وارو ڏجي. جيڪڏهن اهڙيءَ طرح سوالن جي تعليم ڏبي تہ شاگرد پنهنجا سبق سمجھ سان پڙهندا ۽ جيڪي سمجھ ۾ نہ ايندن، سو ٻئي کان پڇندا. بنا چپن چورڻ جي پڙهڻ ۽ فقط مطلب تي خيال ڪرڻ مان بہ چڱو فائدو حاصل ٿي سگهندو. هن وقت اهڙي حالت آهي، جو شاگرد رڳو لفظ پڙهي ٿا وڃن نڪي ڪجھ سمجهن ٿا نڪي سکن ٿا نڪا ڪا واقفيت حاصل ڪن ٿا. هو ڄڻ هڪ بي معنيٰ منتر پڙهي ٿا وڃن يا پرائي زبان بنا سمجهڻ جي ٿا پڙهن، جيئن سنڌ جا عام مسلمان قرآن شريف پڙهندا آهن، پر جيڪڏهن مٿئين نموني تعليم ڏني وڃي تہ پوءِ شاگرد مضمون نويسي ۾ ازخود چڱا ٿيندا.

مضمون لکائڻ بہ نسبت اڪثر ڏٺو ويو آهي تہ شاگرد هو بهو ڪتاب جا لفظ ۽ جملا يا ماستر جا ٻڌايل لفظ ۽ جملا لکي ايندا آهن، اها صورتخطي چٽبي نہ مضمون نويسي. جيڪڏهن ڪتاب جي سبق يا بيت جي آکاڻي لکائجي تہ شاگردن کي چئجي تہ مختصر طور پنهنجن لفظن ۽ جملن ۾ مطلب لکي اچو، نہ تہ مضمون اهڙا ڏجن، جي ڪڏهن بہ ڪتابن ۾ هنن نہ پڙهيا هجن. مثلن پنهنجي ڳوٺ ۽ آسپاس جي نظارن تي مضمون، ڳوٺ ۾ ڪا شادي غمي، عاشورا ميلو يا ڪو ٻيو واقعو يا حادثو ٿئي تہ ان تي مضمون لکائجي. ڪو بہ شاگرد ٻاهر ڪنهن مسافري تي وڃي تہ موٽڻ بعد ڪانئس ان مسافري جو بيان لکائجي. خط، راهداريون ۽ درخواستون اهڙيون لکائجن جي شاگردن کي وڏي هوندي ڪم اينديون. پر انهن ڳالهين تي مضمون بہ جيڪڏهن ماستر ٻڌائيندو ۽ شاگرد ماستر وارا لفظ ۽ جملا لکندا تہ پوءِ ڪين ڪجھ بہ فائدو ڪون ٿيندو. ماستر کي گهرجي تہ سوالن جي رستي شاگردن کان رڳو ٽپ ڪڍارائي، پوءِ شاگرد پاڻ هر هڪ ٽپ کي کولي مضمون لکي اچن. ماستر سليٽون ڏسي درست ڪري پوءِ زباني طور شاگردن جون خاميون ٻڌائي، پوءِ شاگرد نوٽ بڪ تي وري مضمون ناهي لکن، جو ماستر درست ڪري ڇڏي. هن حالت ۾ شاگردن جي نوٽ بڪن ۾ لفظ ۽ جملا هڪ جهڙا ڪونہ ڏسڻ ۾ ايندا. هر ڪنهن شاگرد جو مضمون پنهنجي پنهنجي نموني ڏسڻ ۾ ايندو.

خط لکڻ ۾ سڀي پاسي واري مٿين ڪنڊ تي ان هنڌ جو نالو لکجي جتان خط ٿو لکجي ۽ ان جي هيٺان تاريخ. بلڪ ڪن حالتن ۾ وقت بہ لکڻ گهرجي، تنهن ڪان پوءِ عبارت لکجي. اڄ تائين جو رواج ڏٺو وڃي ٿو خوشامد واري عبارت لکڻ جو هليو پيو آيو



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

آهي، سو چڱي ڏيڻ گهرجي. مثلن ڪنهن دوست ڏي خط لکڻو هجي ته هيترا لفظ ڪافي آهن.

پيارا دوست نور محمد خان دام سلمه

بعد السلام عليڪم جي واضح هجي ته (پوءِ احوال شروع ڪري ڏجي ۽ خيرو عافيت وغيره وارا جملا نه لکجن.)

شاگرد هندو هجي ته اهو به ساڳي طرح مختصر عبارت ڪم آڻي، فقط ڪي لفظ مٽائيندو. مثلن هو لکندو ته بعد رام رام جي لکجي ٿو وغيره. خط يا درخواست ۾ جيڪو احوال لکڻو هجي، سو به ٽپ ٺهرائي لکائڻ گهرجي. خط جي پڇاڙيءَ ۾ خط لکندڙ پنهنجي صحيح وجهي ۽ صحيح بعد پنهنجو سرنامون لکڻ گهرجيس. سرنامي لکڻ جو به اڳيون رواج "واقعو لاڙڪاڻو وغيره ڦٽي ڪرڻ گهرجي. سرنامي جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:-

ٽڪلي هت هڻجي

ميان نور محمد ولد ولي محمد
ڊڪ منشي
قنبر

سيرومل دڪاندار
سيئو بازار
لاڙڪاڻو

ڪٻي هينين ڪنڊ ۾ خط موڪليندڙ پنهنجي ائڊريس لکي جئين متي سيرومل جي ائڊريس لکيل آهي.

مضمون جو سرو هن طرح نه لکجي "گهوڙي بابت مضمون" فقط لکجي "گهوڙو" ء هر هڪ ٽپ جي پهرين سٽ نئين طرح شروع ڪجي ۽ ٻين سٽن کان اڌ انچ يا سڄو انچ کن چڱي پوءِ شروع ڪرڻ گهرجي. درسي ڪتابن ۾ صرف پاءُ انچ کن ڇڏيل آهي. جڏهن ڪو به ٽپ پورو ٿئي ته اها سٽ اتي ئي چڱي ڏيڻ گهرجي ۽ ٻيو ٽپو نئين سٽ ۾ شروع ڪرڻ گهرجي. ائين ڪرڻ سان هر هڪ ٽپ جو احوال جدا ٿي بيهندو. جيڪڏهن استاد يا ممتحن ڪي ٽپ به لکي ڏيکارڻا هجن ته پهريائين ٽپ لکي ليڪ ڏئي پوءِ سرو لکي مضمون شروع ڪري ڏجي. مضمون جي اندر هر هڪ ٽپ جي شروعات ۾ ٽپ پهريون يا ٻيو نه لکڻ گهرجي.

ورنيڪولير فائينل جا پيپر هاڻي هڪ ضلع جا ٻئي ضلع جي آفيسرن ڏانهن ٿا وڃن، تنهنڪري ضروري آهي ته مقرر هدايتون هئڻ گهرجن، جن تي سيئي ماستر عمل ڪن. جيڪڏهن ڪاٿو ڪي خاص هدايتون مقرر نه ڪندو ته مان مٿين هدايتن جي



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

مد نظر تي پيپر چڪاسي مارڪون ڏيندس. جيڪڏهن مٿين هدايتن جي تعميل ٿيل نہ هوندي تہ گهٽا اميدوار ناپاس ٿي پوندا. جناب ڊائريڪٽر صاحب جو بہ سرڪيولر آهي تہ مضمون ۾ اميدوار بلڪل گهٽ آهن ۽ پيپرن جي چڪاسڻ ۾ بہ سختي ڪرڻ گهرجي. اميد ٿي ڪجي تہ ماستر صاحب مٿيون هدايتون غور سان پڙهندا ۽ انهن تي عمل ڪري اميدوارن کي ناپاس ٿيڻ کان بچائيندا.

*(اخبار تعليم اپريل 1930ع)*


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# سٺا اکر!

عام چوڻي آهي تہ اکر اڌ علم آهن. انهيءَ ۾ ڪجھ بہ مبالغو ڪونهي. جنهن شاگرد جا اکر چڱا ٿين ٿا، انهيءَ ڪي لکڻ ۾ ڏاڍو مزو ٿو اچي. پوءِ جنهن ڪي لکڻ چڱو ايندو، سو پڙهڻ ۾ تہ بلڪل ڪين هٽڪندو. ازان سواءِ اها شڪايت عام آهي تہ جيڪي شاگرد اسڪولن مان پڙهي ٿا نڪرن، سي لکڻ پڙهڻ ڇڏي ٿا ڏين ۽ ٿورڙن ئي سالن ۾ وري جاهل ۽ ڄٽ ٿي ٿا وڃن ۽ لکي پڙهي نٿا سگهن. مگر جنهن شاگرد کي سٺن اکرن لکڻ جو مزو اچي ويندو، سو اسڪول ڇڏڻ کان پوءِ بہ گهٽو ڪري علم کي وٺيو ايندو. مون کي ياد آهي تہ جڏهن سنڌي اسڪول ۾ هوندو هوس، تڏهن منهنجي هم ڪلاسين کي سٺن اکرن لکڻ جو ڏاڍو چاهہ هوندو هو، ۽ هڪ ٻئي کان بهتر اکر لکڻ جي ڪوشش ڪندا هئاسين ۽ ٻين اسڪولن جي ڇوڪرن سان پيٽ ڪندا هئاسين ۽ استادن کي اکر ڏيکاري فيصلو ڪرائيندا هئاسين. تازو پراڻي آباد اسڪول ۾ شاگردن جا اکر چڱا ڏسڻ ۾ آيا، ائين بہ ڏسڻ ۾ آيو تہ ٻين ڪمن ۾ بہ بلڪل چڱا هئا. هڪڙو ننڍڙو ڇوڪرو اونهاري جي منجهند جي وقت جڏهن مان ڪٽ تي آرام پي ڪيو، تڏهن اکر لکي مون کي ڏيکارڻ لاءِ ڪٽي آيو ۽ آفرين وٺي ويو.

اڳئين وقت ۾ مدرسن ۽ مڪتبن جي شاگردن جا اکر موتين جهڙا هئا. ڪاتبن جا اکر اڄ بہ موجود آهن، جي اسان کي حيرت ۾ وجهندڙ آهن. انهيءَ جو سبب رڳو هي هو، جو شاگردن کي انڊا لڪايا ويندا هئا. انڊن لڪائڻ ۾ تڪليف آهي، پر اها تڪليف فائدي واري آهي ۽ اکر جلد سٺا ٿي ٿا وڃن. جيتري تڪليف هاڻي ماستر وٺن ٿا، ان جيتري تڪليف انڊن لڪائڻ ۾ وٺن تہ ٻيڻو سٺو نتيجو نڪري. هن جو مثال بہ ردي شيءِ ۽ چڱي شيءِ خريد ڪرڻ وانگر آهي. هڪڙو ماڻهو ڪنجوسائي ڪري هڪ سستي واچ اڍائي رپين واري ٿو وٺي، ٻيو ماڻهو 15 رپين ۾ ويسٽ انڊ واچ ٿو وٺي. اڍائي رپين واري واچ ڇئن مهينن ۾ بيهي ٿي وڃي ۽ جيڪڏهن واچ ميڪر کي مرمت لاءِ ٿي ڏجي تہ ٻيا پيسا بہ ڇٽ، مگر 15 رپين واري واچ 15 سال ٿي هلي. هاڻي چئو تہ وڏيڪ سستي ڪهڙي؟ ساڳئي طرح نوان تعليمي رستا پهريائين ڏکيا ٿا لڳن، مگر در حقيقت تڪليف بہ گهٽ اٿن ۽ منجهائن تعليمي مقصد بہ حاصل ٿا ٿين، پر


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ پاڳي پائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

طوطي واري تعليم ۾ تڪليف به گهٽي آهي ۽ ان مان ڪڙتيل به ڪو نه ٿو نڪري.

اندا هن طرح لڪائجن:- پٽي ڪي ميٽ سان ميسارجي پوءِ آلي ميٽ تي سنهيون ۽ چٽيون ليڪون پائجن، پر رولر مٿي جهلي جئين پٽيءَ ڪي نه لڳي. پوءِ بلڪل ٿلهي قلم سان، جنهن جو قط ڪجهه پاسيرو هجي ان آلي پٽيءَ تي بنا مس جي وڏا اکر ماستر لکي ڏئي. جڏهن ميٽ سڪي، تڏهن شاگرد ساڳئي قلم سان مس سان ماستر جي اکرن جي مٿان قلم وهائي. ٻئي ڏينهن وري پٽيءَ ڪي پاٽيءَ جو چندو هٽي سڪائي ساڳين اکرن تي وري شاگرد قلم وهائي سگهي ٿو. اهڙي طرح ماستر جي هڪ تڪليف سان شاگرد ٽي چار ڀيرا استعمال ڪري سگهي ٿو. پوءِ ان جا اکر ٿوري وقت ۾ ماستر جي اکرن جهڙا ٿي ويندا. تنهن کان پوءِ هو چڱن ڪاتبن جي اکرن جو نقل ڪري.

قلم ڪي پاسيري قط ڏيڻ سان اکرن ڪي ڪٿي سنهائي ڪٿي ٿلهائي ٿئي ٿي ۽ ٽيڪا چوڪنديارا ايٽ وانگر بيهن ٿا، جنهن ڪري اکر ڏاڍا سهڻا ٿا لڳن. جڏهن قلم هيٺ يا مٿي ٿو وڃي، تڏهن اکر سنهو ٿو ٿئي ۽ جڏهن سڄي کان کٻي ٿو وڃي تڏهن ٿلهو ٿو ٿئي.

اکر هميشه خصوصن هيٺين درجن ۾ ليڪن تي لڪائڻ گهرجن. رڳو صورتخطي سليٽ تي به ليڪن تي لڪائڻ گهرجي، ڪوڪي سان سليٽن تي هميشه لاءِ ليڪون پائي ڇڏڻ گهرجن. نه رڳو ليڪن تي اکر لڪائجن، پر اها به خبرداري ڪجي ته اکر باقاعدي ليڪن تي بيهاريل آهن. سيني اکرن جو هيٺيون پاڳو ليڪ تي بيهارڻو آهي، مگر هيٺين اکرن جو رڳو پهرئين ٽڪر جو هيٺيون پاڳو ليڪ تي آٽڻو آهي ۽ پويون ٽڪر هيٺ. مثلن ج - ر - س - ص - ع - ق - م - ن - و ۽ ي.

اهو سچ آهي ته استعمال سان اکر نيٺ سنا ٿي ويندا. بيقاعدي استعمال ڪرڻ سان تمام گهڻو وقت به ٿو لڳي ۽ پوءِ به گهڻو چڱا نه ٿا ٿين، پر جيڪڏهن باقاعدي به اکر لکجن ۽ استعمال به گهڻو ڪجي ته پوءِ اکر بيشڪ ڪاتبن جهڙا ٿي پوندا. پارسي واري چيو آهي ته

گر بخواهي تاشوي تو خوش نويس مينويس و مينويس و مينويس.

(ترجمو: جيڪڏهن تون چاهين ٿوته تنهنجا اکر سنا هجن ته پوءِ لڳاتار لکندو رهه، لکندو رهه ۽ لکندو رهه.)

*(اخبار تعليم مئي 1930ع)*


www.sindhsalamat.com
سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# پھريون تعليمي تجربو

مون پنهنجي هڪ ننڍڙي ڇوڪر جمال الدين کي، جنهنجي جنم جي تاريخ 10 اپريل 1925ع آهي، 20 اپريل 1930ع کان تعليم ڏيڻ شروع ڪئي. منهنجو ڳوٺ ڀهراڙيءَ ۾ آهي، جتي مڇر گهڻا ٿيندا آهن ۽ سرءُ جا تپ سخت ٿيندا آهن، انهيءَ سبب ۽ ڪجهه سال بدهاضمي هئڻ ۽ هيانچو وڌڻ ڪري هو ضعيف ۽ ملول ٿي پيو هو. اتي ڊاڪٽرن ۽ حڪيمن نه هئڻ ڪري مون ڪيس پاڻ وٽ لاڙڪاڻي آٽائي ورتو ۽ دوا شروع ڪرائي مانس. ٻن مهينن جي اندر هيانچو ڇڏي ويس ۽ تندرست گذارڻ لڳو. لاڙڪاڻا اچڻ شرط ڪيس تعليم ڏيڻ به شروع ڪري ڏنيم. پهريون مهينو يا ٻه، فقط 5 منٽ صبح 5 منٽ شام تعليم ڏبي هئي، پوءِ رفته رفته وڌائيندي وڌائيندي پڇاڙيءَ ۾ اڌ ڪلاڪ صبح ۽ اڌ ڪلاڪ شام تعليم ڏيندو هوس.

پر بعضي فقط هڪ وقت فرصت ملندي هئي ۽ بعضي ته هڪ وقت به نه. شروعات ۾ هفتو کن يا وڌيڪ بخار به آيو هوس. انهن مهينن جي عرصي ۾ جمال الدين ٻاراڻو ڪتاب پورو ڪيو آهي، انگ به سو تائين ۽ ڪوڙا پنجي تائين سکيا اٿس. ٻاراڻو ڪتاب اهڙي نموني سکيو آهي، جو اڻ پڙهيل لفظ به لکي پڙهي ٿو وڃي. ڪتاب جا سبق اهڙيءَ طرح ٿو پڙهي، جيئن ڳالهائبو آهي.

جيڪي پڙهي ٿو، سو سمجهي ٿو، انهيءَ ڪري پڙهڻ مان ڪيس مزو به ٿو اچي. سوالن جا جواب سڄن جملن ۾ ٿو ڏي. اکر اهڙا اٿس، جهڙا پهرئين درجي جي شاگردن جا بلڪ بهتر. انگن ۾ ايڪا، ڏهاڪا ۽ جوڙ ڪٽ اچنس ٿا ۽ ڪوڙن تي زباني حساب به ڪري ٿو وڃي. ماستر صاحب مٿيون سٽون پڙهي چوندا ته هڪڙي شاگرد کي جو هر روز باقاعدي پڙهڻ اچي، تنهن کي پڙهائڻ آسان آهي، پر گهڻن ڇوڪرن کي جي اڳي پوءِ اچن ۽ گسائين، تن کي اهڙيءَ طرح پڙهائڻ مشڪل آهي، جمال الدين کي پڙهايو ويو آهي.

اها ڳالهه بيشڪ سچي آهي، پر گهڻن ڇوڪرن کي گڏي پڙهائڻ ۾ به ڏاڍيون سهولتون آهن، بشرطيڪ معلم کي پڙهائڻ جو ڍنگ هجي. ڪجهه ڇوڪرن کي گڏي ساڳيو سبق سيکارڻ سان گهڻو وقت بچائي ٿو سگهجي. مثلن جيڪڏهن ٻاراڻي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

ڪلاس ۾ 30 شاگرد آهن تہ انهن جا چار يا پنج پاڳا ناهجن.

هر هڪ پاڳي کي اڌ ڪلاڪ صبح ۽ اڌ ڪلاڪ شام جو تعليم ڏجي تہ بلڪل ڪافي آهي، باقي وقت واري واري تي لکڻ ۽ شين ٺاهڻ وغيره ۾ مشغول رکجين. بعضي وقتن تي اهي ڇوڪرا هڪ ٻئي کي بہ مدد ڪري سگهن ٿا. جنهن وقت معلم هڪڙي جماعت کي ڪم سيکاري تہ ٻيون جماعتون پاڻ ۾ گڏ ڪوڏيون ڳڻڻ ۾ ڏهاڪا ناهين يا ارڙ ميٽڪان تي انگ ۾ ڪوڙا ڪڍن ۽ جوڙ ڪٽ سکن يا هڪ ٻئي کي صورتخطي چون ۽ درست ڪن وغيره وغيره. خير! هن مضمون ۾ مون کي فقط پنهنجو ڪيل تجربو بيان ڪرڻو آهي.

ٻاراڻو ڪتاب نئين قاعدي موجب جهڙيءَ طرح رٿيل آهي، اهڙيءَ طرح پاڙهيم، نہ تہ اڪثر معلم پهريائين قديم نموني 52 اکر پاڙهي، پوءِ زيرون زبرون وغيره ٿا سيکارين ۽ پوءِ ٿا ٻاراڻو ڪتاب شروع ڪن. انهيءَ طرح پاڙهڻ ۾ اٽڪل ڇهہ مهينا يا وڌيڪ فقط الف ب ۽ ڪک سيکارڻ ۾ لڳي ٿا وڃن، پوءِ بہ ڪن معلمن جو پاڙهڻ ڏاڍو خراب ۽ ڪل جهڙو آهي. مثلن ڪي معلم رڳو پاڙهيندا ويندا آهن ۽ لکائيندا نہ آهن. سيکارڻ مهل هجي بہ پاڻ ڪندا آهن ۽ جوڙ ڪري لفظ بہ پاڻ چوندا آهن ۽ لفظ گڏي جملو بہ پاڻ چوندا آهن. شاگرد رڳو طوطي وانگر استاد جي پٺيان چوندو ويندو آهي. انهيءَ طرح پاڙهڻ سان محنت تمام گهٽي ڪرڻي ٿي پوي ۽ ڪاميابي تمام ٿورڙي حاصل ٿي ٿئي. ڪي معلم وري پهرئين سبق جا لفظ اٺو، اٽي وغيره ٻئي سبق جا اکر بلا وغيره ٽئين سبق جو تارو، نڪر وغيره ۽ چوٿين سبق جا ايس ايڪو وغيره. اهڙيءَ طرح ٻين ڪن سبقن جا لفظ اهڙي قسم جا سيکاريندا آهن، اهي لفظ سيکارڻا ناهن، اهي فقط آوازن ۽ حرفن ڪڍڻ لاءِ آهن. مون پنهنجي ڇوڪر کي اکرن جا جزا، جيڪي پهرئين صفحي تي لکيل آهن ڪونہ لکايا يا سيکاريا. پهريائين ڪيس زباني طور لفظن کي آوازن ۾ ورهائڻ ۽ آوازن کي گڏي لفظ ناهڻ سيکاريا. پهرئين ڏينهن تي منٽ ڪن اهو ڪم ڪيم وري هفتو ڪن ناغو پئجي ويو، پوءِ پنج منٽ هڪ ڏينهن ۽ پنج منٽ ٻئي ڏينهن ڪم ڪرڻ سان آواز ڪڍڻ ۽ آوازن سان لفظ ناهڻ سکي ويو. نہ رڳو ايترو پر اٽلندو پاڻ ٻين کان سوال پڇڻ لڳو. مثلن پهريائين پهريائين پڇيائين تہ ان - ب - جو - و ڻ - اهو ڇا ٿيو، مون چيو تہ انب جو وڻ. پوءِ تہ ٿي چار مهينا هن لاءِ راند ٿي پيئي، جو ڳجهارت طور لفظ جو پهريون آواز سڀ ڪنهن کي ٻڌائيندو هو ۽ چوندو هو تہ اهو لفظ سڄو ڪري ٻڌاءِ. مثلن چوندو هو تہ ڪ-تو، ڇا ٿيو پوءِ جواب ڏيندڙ چوندو هو تہ ڪتو، ڪپڙو وغيره. جيستائين انهيءَ لفظ تي اچي، جو سندس دل ۾ رٿيل هو.

آوازن سيکارڻ بعد يعني ٻن ڏينهن بعد پهريون سبق هن طرح شروع ڪرايم. اَڪِ ۾ ڪهڙا آواز آهن؟ جواب مليو تہ اَ - ڪِ - پهريون آواز ڪهڙو آهي؟ چي اَ. اهڙي



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ پاڳي پائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

طرح اک ۾ اتو ۾ پهريان ڪهڙا آهن؟ چي اَ. اهو پهريون آواز هن طرح اَ لکبو آهي، تون بہ لکي ڏيکار. اهو ڇا لکئي؟ چي اَ. جڏهن اَ لکڻ ۾ پڙهڻ ۾ پکو ٿيو، تڏهن اتي ۾ اهڙن ٻين لفظن مان اِ. جو آواز ڪيرائي لکايم ۾ پڙهايم. پوءِ وري اَ ۾ اِ گڏي وچڙائي لکايم ۾ پڙهايم. اها ڳالهہ ڏاڍي ضروري آهي تہ جيڪي پوءِ سکجي، سو اڳيئن سکيل سان ڀيٽ ڪري سيکارجي تہ تفاوت معلوم ٿئي ۾ ڀل نہ ٿئي. يعني اَ ڪي اِ ۾ اِ ڪي اَ نہ لکي يا پڙهي. اهڙيءَ طرح پهرئين سبق جا ائني آواز لکڻ ۾ پڙهڻ سکيو، پوءِ انهن آوازن مان ٺهيل لفظ پاٺي لکي ۾ پڙهي ويو.

مثلاً ابا، بابا، باب، آب. لفظ لکائڻ مهل چيو مانس تہ لک ابا. تہ پاڻ پهريائين آواز ڪيپائين اَ ۾ با، پوءِ ٻئي لاڳيتا لکيائين ۾ ٻئي آواز گڏي چيائين تہ هي آهي ابا. وري لفظ پڙهائڻ مهل آب لکيم ۾ چيو مانس تہ هي ڇا آهي تہ آ ۾ ب، پوءِ ٻئي آواز گڏي چيائين تہ هي آهي آب.

هن سبق پوري ڪرڻ ۾ هفتو کن لڳو. مون کي ارمان آهي تہ مان بروقت سڀ حقيقتون ۾ تاريخون ۾ وقت لکندو ڪونہ ويس. جيڪڏهن ائين ڪيان ها تہ هن تعليمي تجربي جو بيان هڪ وڏو ڪتاب ٿي پوي ها، پر ضرور مفيد ٿئي ها. گذريل پنجن مهينن ۾ مون کي ڏاڍا چڱا چڱا اصول ۾ رستا هٿ آيا، جن مان گهٽا وسري ويا اٿم. پهرئين مهيني ۾ چوڪرو 5 منٽن ۾ ٿڪجي پوندو هو. سندس ٿڪجڻ هن طرح معلوم ٿيندو هو، جو جيڪي پهريائين لکي پڙهي ويندو هو، سو بہ نہ ايندو هوس تہ سمجهندو هوس تہ هاٽي ٿڪو آهي. خصوصن لکڻ پڙهڻ بعد جڏهن انگن جو جوڙ يا ڪٽ پڇندو هوسانس تہ هڪدم اوٻاسين پٺيان اوٻاسيون ڏيڻ شروع ڪندو هو. ٻيو سبق هن ريت شروع ڪيم:-

پهرئين سليٽ تي لکيم اَ اِ اُ آ ۾ ڪائنس اهي پڙهايم، پوءِ انهن جون نشانيون ڏاهي پڇيم تہ باقي هي ڇا آهي چيائين تہ خبر نہ آهي. پڇيم تہ چارئي هڪ جهڙا آهن يا ٻيءَ طرح، چيائين تہ هڪ جهڙا آهن. پوءِ ٻڌايم تہ انهيءَ جو نالو رکيل آهي الف. اهي چاريئي هڪ الف آهن. ساڄئي الف مٿون ليک تي ڏجي تہ ڇا ٿو ٿئي؟ چي اَ. هيٺيون تہ؟ چي اِ. مٿون هيءَ (ُ) نشاني تہ؟ اُ. ۾ هي (٘) تہ؟ چي آ. پر جي اهي نشانيون ڏاهي ڇڏجن تہ ڪهڙو اکر آهي؟ چي الف. وري ساڄئي طرف الف وانگر ب سيکاريم. جڏهن الف ۾ ب لکي ۾ سڃاڻي ويو، تڏهن چيومانس تہ ٻہ اکر سکيو آهين، هاڻي ٽيون اکر ٿو سيکاريانءِ اهو آهي ٻ، جو هن طرح (ٻ) لکبو آهي. جڏهن ٻ بہ چڱيءَ طرح لکي ۾ سڃاڻي ويو ۾ خاطري ٿي تہ الف ب سان وچڙائي ٿو لکجي تہ بہ سڃاڻي ٿو وڃي، تڏهن هن طرح سوال ڪيم تہ الف (ا) کي مٿان هي ليک ٽا ڏيون تہ ڇا ٿو ٿئي چي اَ. ب کي تہ؟ چي ب. هاڻي جي ب کي بہ اهڙي ليک ڏيون تہ ڇا ٿيندو؟ پهريائين ڪجهہ تڪليف ٿيس، مگر پوءِ جلد سمجهي ويو ۾ ڪنهن بہ اکر سکڻ بعد


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

سڪيل نشانيون ڏيئي آواز پاڙيهي ڪدي ويندو هو ۽ وري لفظ بہ پاڙيهي لکي ۽ پڙهي ويندو هو. اهڙيءَ طرح جڏهن ب سان چاريئي آواز سکي ويو تہ پ سان سيکاري ان سان چارئي آواز زبر - زير - پيش - ۽ مد جا ڪدي ويو. پوءِ ٻئي سبق جا ليڪ هينيون لکي لفظ پاڙيهي لکي ۽ پڙهي ويو، بلڪ ٻيا ڪيترائي لفظ جيڪي انهن پنجن لفظن ۾ چئن آوازن مان نهي سگهيا، سي پڙهيائين ۽ لکيائين. ٻئي سبق سکڻ تي البت گهڻو وقت لڳس، پر جيڪڏهن گهڻو وقت لڳي تہ نکي ارمان ڪجي، نکي خفي ٿجي، نکي تکڙ ڪري اڳتي هلجي، جيئن ڊرائي ڪبي، تيئن بنياد پڪو ٿيندو ۽ اڳتي سولائي ٿيندي ۽ آخر ڪم ٿوري وقت ۾ ٿي ويندو. جيئن تکڙ ڪبي، تيئن ڪم ۾ دير پوندي، اهو منهنجو ذاتي تجربو آهي. جڏهن ٽيو سبق پڙهائي ٿيون شروع ڪرايم ۽ ت ۽ ٺ سيکاريم، تڏهين اهڙي قدرت ٿي، جو ت جي بدران پ ۽ پ جي بدران ت. پت جي بدران پپ لکي پيو وهي. ڪيترو بہ سمجهايومانس تہ تارا مٿي آهن تہ ت تي ٽبڪا بہ مٿون آهن. پلو وري هيٺ پاڻي ۾ ٿو رهي، تنهن ڪري پ ڪي ٽبڪا هينيان آهن، پر ڪين سمجهيو. پوءِ وري ٻئي سبق جو دؤر ڪرايو مانس، خصوصن پ جو استعمال گهڻو ڪرايو مانس. پوءِ وري ٽيون سبق شروع ڪيم تہ اها تڪليف ڪانہ ٿي. ٽئين سبق تي بہ ڪُجھ ڏينهن لڳي ويا، پر نہ رڳو ليڪ ڪان هيٺ ڏنل ڪتاب وارا لفظ لکي ۽ پڙهي ويو، پر ٻيا جيڪي بہ لفظ انهن ڏهن حرفن ۽ چئن آوازن مان نهي سگهن ٿا، سي بہ پاڙيهي لکي پڙهي ويو.

چوٿون سبق پهرئين سبق جي نموني سيکاريو ويو ۽ پوءِ چوڪرو پاڻ اهي نوان ٽي آواز سڪيل ڏهن حرفن سان لڳائي ويو ۽ ڪي بہ لفظ، جي انهن ڏهن سڪيل حرفن ۽ سڪيل ستن آوازن سان نهي سگهن ٿا، سي پاڙيهي لکي پڙهي ويو.

پوءِ پنجين سبق جو هڪ يا بہ حرف ڪيس سيکاريا ويا، جنهن جي سکڻ بعد پاڙيهي ان سان ست ئي آواز شامل ڪري پي ويو ۽ جيڪي بہ لفظ سڪيل حرفن ۽ سڪيل ستن آوازن تي نهي ٿي سگهيا، سي ڪانئس لکايا ۽ پڙهايا پي ويا. مثلن ف سيکارڻ بعد هو فَ، فِ، فُ، فا، في ۽ فو پاڙيهي لکي ۽ پڙهي پي ويو. فقط اکرن گڏي لکڻ جو نمونو ڪيس ڏيکاريو پي ويو. چو تہ فيٺ پاڻ هن طرح پي لکيائين، ف ي ت ۽ بعضي هن طرح في ت. پنجين سبق جي پڇاڙيءَ ۾ ڪي لفظ ۽ جملا آهن، سي پوءِ پاڻ لکي ۽ پڙهي ويو، پر منهنجي زير نظر. جملا چڱيءَ طرح چوڻ ڪيس هن طرح سيکاريا ويا، جڏهن ڦٽيءَ جو لفظ چوڻ سکيائين تہ پوءِ ڪي پو لفظ پڙهيائين پوءِ چيومانس تہ ٻئي گڏي چؤ ۽ جڏهن ائٽ ۽ ڪپي جا لفظ پڙهي ويو تہ اهي بہ گڏي چواريامانس. جڏهين جملي جا ٻئي ڀاڱا ڏار ڏار پڪا ٿيس، تڏهن ٻئي ڀاڱا گڏي چوراياامانس تہ چئي ويو ۽ چڱي ڍنگ سان چئي ويو. اهڙيءَ طرح پوين سبقن جا وڏا وڏا جملا بہ ڀاڱا پڪا ڪرائي پوءِ سڄو جملو پڪو ڪرائيندو هو سانس. منهنجو دستور هميشہ اهو رهيو،


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

جو ڪڏهن به ڪيس پاڻ لفظ نہ پڙهي بڌايم، نڪي ڪيس پاڻ لکي ڏنم، نڪي پاڻ پهريائين سڄو جملو چئي بڌايم. هميشہ سڀ ڪو لفظ سڪيل حرفن ۽ آوازن جي وسيلي پاڻ ئي لکي ويندو هو ۽ پاڻ ئي پڙهي ويندو هو. جيئن آواز گڏي لفظ ٺاهيندو هو، تيئن وري لفظ گڏي جملا بہ پاڻ ٺاهيندو هو ۽ چوندو هو. پنهنجي منهن پاڻ بہ جيڪي جملن وارا سبق پڙهي سگهيو پيو، پر ننڍو ڀار بعضي بي خيالائي ڪان ڪو ڪو لفظ غلط ٿي پڙهيائين ۽ پوءِ سندس عادت متائڻ ۾ البت مون کي تڪليف پئي ٿي. تنهنڪري پنهنجي نظر هيٺ لفظ ۽ جملا پڙهائيندو هو مانس، جيڪڏهن ڪا چڪ ڪندو هو تہ مان درست نہ ڪندو هوس، فقط چوندو هوس تہ هت چڪ ٿو ڪرين سنڀالي چؤ، پوءِ پاڻ کي پاڻ درست ڪندو هو. اهڙيءَ طرح صورتخطيءَ ۾ چڪ ڪندو هو تہ ڪائنس ئي درستي ڪرائي ويندي هئي. مان ڀانيان ٿو تہ جيڪڏهن 5 يا 6 چوڪرا گڏجي ويهي نئون سبق پڙهن تہ پوءِ ماستر جي نظر جي بہ ضرورت نہ رهندي، چو تہ جيڪڏهين هڪڙو چڪ ڪندو تہ ٻيا چوندس تہ چڪ ٿو ڪرين سنڀال. جئين پ ۽ ت سکڻ ۾ جمال الدين تڪليف ڏني، تيئن تيرهين سبق يا پندرهين سبق سکڻ بعد هڪڙي ڀيري ”غير“ لکايو مانس تہ ”غور“ لکيائين ۽ ”ڪوڙو“ لکايو مانس تہ ”ڪپڙو“ لکيائين. مطلب تہ انهيءَ قسم جا لفظ بعضي بعضي غلط بعضي برابر پي لکيائين. اها تڪليف ڏهاڪو ڏينهن هلي. شايد اها مون چڪ ڪئي هئي، جو جڏهن تيرهين سبق جا آواز حرفن سان شامل ڪرايا هيم، تڏهن چوٿين سبق جي آوازن سان ڀيٽ ڪرائي پڪا نہ ڪرايا هيم. وري بہ خوش قسمتي هئي، جو اَي ۽ اَو لکڻ ۽ پڙهڻ ۾ چڪ ڪانہ پئي پيس، تنهنڪري متئين قسم جي لفظن لکائڻ کان اڳ ۾ سليٽ جي متئين سٽ تي اَي ۽ اَو سان مشابهت ڏيئي صحيح لکي ويندو هو ۽ آخر ڏهن ڏينهن ۾ اها بہ تڪليف لهي ويئي.

نون غنہ سيکارڻ ۾ مون کي تڪليف بلڪل ڪانہ ٿي، بہ منٽ مس لڳا. پهريائين انب جي لفظ جا آواز ڪڍايامانس، پوءِ اب لکي ان جا آواز ڪڍايامانس. پوءِ پڇيومانس تہ اَ جي بدران ڇا هئڻ گهرجي تہ چئي ويو. پوءِ چيومانس تہ اهو آوازن گڏڻ سان نڪرندو آهي، پوءِ ٻين حرفن سان بہ ’ن‘ ملائي ويو. ساڳئي طرح سمهڻ، ڳهڻ، ماٺهو، پڙهڻ وغيره ۾ جيڪا ھ آهي، سا بہ ن غنہ وانگر جلد سکي ويو، مگر ائين ناهي تہ ڪو چڪ ڪونہ ڪندو هو، بيشڪ ڪندو هو ۽ اڃا بہ بعضي بعضي ڪري ٿو، پر سنڀالڻ سان درست ڪري ٿو وڃي. هڪڙي ماستر ملهايون لکايس تہ ان جي بدران ملاهيون لکيائين، پوءِ پوئين لفظ جا آواز ڪڍاياسونس تہ هنجي چڪ سمجهي ويو.

جمال الدين کي هاڻي پهريون درجو بہ پاڻ شروع ٿو ڪرايان. اميد آهي تہ ڇهن مهينن اندر پهرئين درجي جا ڪم چڱي طرح ڪدي ويندو. پوءِ ٻئي ننڍڙي چوڪر کي ڀاراٽي ڪلاس جي تعليم ڏيندس. جمال الدين کي جيڪا تعليم ملي آهي، سا


www.sindhsalamat.com



Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

اهڙي قسم جي آهي، جو ڀانيان ٿو تہ هن کي هڪ هفتو استعمال ڪرائيندس تہ قرآن شريف ڪتاب بہ پڙهي ويندو. 5 منٽ کن آزموده بہ ورتو اٿمانس، تجربي ڪرڻ لاءِ ست ڏني ويندي. انگن سيکارڻ بہ نسبت اڳي ئي ٻڌايو اٿم تہ لکڻ ۽ پڙهڻ بعد سيکاريندو هو مانس. اڃا انگن جي جوڙ ۽ ڪٽ شروع ڪندو هوس تہ اوٻاسيون ڏيڻ لڳندو هو، تنهنڪري ڇڏي ڏيندو هومانس. ڪي ماستر شايد انگ جنسي شين کان سواءِ سيکاريندا آهن ۽ ڦهريائين رڳو ڳڻڻ سيکاريندا آهن پوءِ لکڻ ۽ پڇاڙي جوڙ ڪٽ. ازان سواءِ هڪڙو چوڪر ٻين کي چورائيندو آهي ايڪو ايڪو ٻارهن، ٻکو ايڪو ٻارهن، ٽکو ايڪو تيرهن وغيره يا مون اهي نمونا بلڪل ڪم ڪونہ آندا. آڱرين، اکين، ڪرسين، مٽين وغيره جي وسيلي هڪ ۽ ٻہ سيکاري انگ 1 ۽ 2 لکايم. پوءِ پڇيم تہ هن هڪ مٽئي سان هي هڪ مٽيو گڏيان ٿو، هاڻي ڪيترا مٽيا ٿيا؟ چي ٻہ ٿيا. ٻن مون هڪ ڪڍي ٿو ونان باقي ڪيترا بچيا، چي باقي هڪ بچيو. پوءِ وري ٻن شين ۾ ٽئين اهڙي شيءِ (مٽيو يا آڱر وغيره) گڏي ٻڌايم تہ هاڻي هي ٽي مٽيا ٿيا يا هي ٽي آڱريون ٿيون وغيره. پوءِ هن قسم جا سوال پڇيم ٻن مٽين ۾ هڪ ٿو گڏيان ڪيترا ٿيا، هڪ ۾ ٻہ ٿو گڏيان ڪيترا ٿيا، تن مون هڪ ڪڍي ٿو ڇڏيان، ڪيترا بچيا وغيره. اهڙيءَ طرح سان ڏهن تائين انگ ڳڻڻ لکڻ ۽ جوڙ ڪٽ سيکاريا ويا. اهو سڀ ڪم جنسي شين جي وسيلي ڪيو ويو، مگر جوڙ ڪٽ ۾ جيتري قدر جنسي شيون ڪم آڻڻ گهربيون هيون، اوتري قدر ڪم نہ آندم. انگن ڳڻڻ ۽ لکڻ ۾ تہ ڪجھ بہ تڪليف نہ ٿي، مگر جوڙ ڪٽ ۾ گهڻي تڪليف درپيش آئي. مان ڀانيان ٿو جيڪڏهن جنسي شيون وڌيڪ ڪم آڻيان ها ۽ گهڻا ٻار هجن ها تہ ڪي رانديون بہ ڪم آڻيان ها تہ پوءِ تڪليف گهٽ ٿئي ها. فقط پنجن تائين انگ ڪيئن سيکارجن، تنهن تي هڪڙو سڄو ڪتاب لکيل آهي، جو مون پڙهيو آهي، مگر مون اهي رستا ڪم ڪونہ آندا. ڏهن تائين جوڙ ڪٽ ڪرڻ ۾ مون پنهنجي هڪڙي ترتيب ڪم آندي، جا ٻڌائڻ لائق آهي. مان جنسي شيون ڏيکاري پڇندو هوس تہ هي ٽي مٽيا ۽ هي ٻہ مٽيا گڏيون ٿا تہ ڪيترا ٿيا، چي 5، وري پنجن مان ٻہ ڪڍي ڇڏيون تہ باقي ڪيترا، چي 3. پر جي پنجن مان 3 ڪڍي ڇڏيون تہ باقي ڪيترا، چي 2. انهن ٽنهي سوالن جو پاڻ ۾ گهرو تعلق آهي. جيڪڏهن هن کي ڦهريون آيو تہ جڻ ٻيا ٻہ بہ اچي ويا. ساڳيءَ طرح 4 ۽ 3 ٿيا 7، پر جي 7 مان 3 ويا تہ 4 بچيا ۽ 4 ويا تہ 3 بچيا. جڏهن اهو تعلق جمال الدين سمجهي ويو، تڏهن تڪليف گهٽو گهٽ ٿي پيئي ۽ جنسي شين کان بنا بہ جواب ڏيئي سگهيو. ڏهن تائين انگن سيکارڻ بعد جڏهن جمال الدين کي ايڪا ۽ ڏهاڪا جنسي شين، مٽين ۽ ارٽميٽيڪان وغيره جي وسيلي سمجهايم، تڏهين 100 تائين انگن ڳڻڻ ۽ لکڻ ۽ جوڙ ڪٽ ۾ دير بلڪل ڪانہ ٿي. گويا ڏهن تائين انگ سکيائين تہ جڻ سؤ تائين سکيائين. فقط ڪٿي ڪٿي انگن چوڻ ۾ غلطي ڪيائين


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

ٿي. مثلن 18، 31، 27، ڪي ارڙهن، ايڪويهه، ستاويهه چوڻ. 19، 29، 39. اهڙن انگن جي ڳٽڻ ۽ لکڻ ۾ ٻارن کي ڪجهه ڏکيائي ٿيندي آهي، پر اها به جنسي شين سان ايڪن ڏهاڪن ڪيائڻ ڪري ڪان ٿي. ڪيس سمجهايو ويو ته اڻويهه جي معنيٰ آهي ويهن کان هڪ گهٽ. اڻٽيهه جي معنيٰ آهي ٽيهن کان هڪ گهٽ وغيره. تنهنڪري 28 کان پوءِ پورن ٽن ڏهاڪن جو انگ يعني ٽيهه چوڻ سيڪاريومانس ته اڻٽيهه پاٽيهي چئي ويو. انگن لکائڻ مهل به هو اهو ڪري پوءِ برابر لکي ويندو هو، مثلن جيڪڏهن ڪيس چوندو هوس ته 69 لک ته هو خيال ڪندو هو ته 70 ۾ ست ڏهاڪا آهن هڪ گهٽ ڪبو ته نؤ ايڪا ۽ ڇهه ڏهاڪا ٽيندا، پوءِ لکي ويندو هو. ڏهن کان ويهن تائين انگن سيڪاريندي ڪيس سمجهايم ته سڀي پاسي کان ايڪا لکبا آهن، ڪٻي کان ڏهاڪا. جڏهن ويهن تائين انگ ڳٽڻ ۽ لکڻ سکيو، تڏهن کو به متي انگ مثلن 59، 78، 99، 36، ارتميتيڪان تي پي ڏيڪاريم ته هو اهو انگ لکي پي ويو. اگرچه چئي کو نه پي سگهيو ته اهو انگ ڪهڙو آهي چو ته ايترو سهي ڪري پي سگهيو ته هيترا ايڪا ۽ ڏهاڪا ڪيڊيل آهن، اهو تجربو گهڻن ئي ڪي ڪري ڏيڪاريم.

ڏهن کان متي جوڙ ڪٽ هن طرح ڪرايم. مثلن 4 ۽ 3 ڪيترا ٿيا، ڇي 7 ته 14 ۽ 3 ٿيا 17، 24 ۽ 3 ٿيا 27 وغيره وغيره. اهڙي طرح 5 ۽ 4 ٿيا 9 ته 15 ۽ چار ٿيا 19، 25 ۽ 4 ٿيا 29، وغيره وغيره. ساڳيءَ طرح 6 ۽ 4 ٿيا 10 ته 16 ۽ 4 ٿيا 20، 26، ۽ 4 ٿيا 30، 36 ۽ 4 ٿيا 40 وغيره وغيره. ساڳيءَ طرح ڪٽ به ڪرايم. ٿورڙيئي وقت ۾ انهن انگن جو لاڳاپو ۽ مشابهت سمجهي ويو.

ڪوڙا سيڪارڻ ته نهايت آسان آهي. پهريائين ارتميتيڪان تي، پوءِ زباني ٻن ۾ ٻه ٻه جوڙ ڪرائيندو ويهن تائين آيس. وري ويهن مان ڪٽ ڪرائيندو هيٺ آيس، پوءِ ڪيس چيم ته ڏهن کي گڏي ڏهاڪو چئبو آهي تئين ٻن کي گڏي ڏون يا ٻڪو چئبو آهي. هاٽي ارتيميتيڪان تي ڏون ڪيندو وڃ ۽ چوندو وڃ ته ڪل ڪيترا گولا ٿيندا تا وڃن. پوءِ ارتيميتيڪان تي ڏون ڪيندو، ڪوڙو پڙهندو ويو. پر جهلي جهلي چو ته دل ۾ جوڙ ڪندو پوءِ چوندو پي ويو. پوءِ وري زباني به ڪوڙو پڙهي ويو، پر آهستہ آهستہ چو ته دل ۾ جوڙ ڪندو پوءِ چوندو پي ويو. ٿورا ڀيرا ائين ڪرڻ بعد ياد ٿي ويس. مون ڪيترن ماڻهن کي تجربو ڪري ڏيڪاريو ته پنجن جو ڪوڙو سکڻ کان اڳي ئي زباني طور آهستہ آهستہ (دل ۾ جوڙ ڪرڻ سان) سچو چئي ويو.

پٽي اهڙي طرح لکائيندو هوس، جيئن تعليم اخبار جي مضمون ۾ ڄاڻايو اٿم. پاڻ پٽي ميساري يا ٻئي کان ميسارائي ميٽ هٽي ايندو هو ۽ مون کي ان تي لکڻ ۾ هڪ يا ٻه منٽ مس لڳندا هئا، پوءِ پاڻ وڃي لکندو هو. فقط پهريائين ٻه ٽي ڏينهن پنهنجي زير نظر لکايومانس پوءِ ڪم فرصت سببان ائين ڪون ڪيم ته به ڏٺم ته ٽپڪا چوڪنديارا ڪيندو هو ته اکر به جتي سنها ٿلها بيهاربا آهن، اتي سنها ٿلها


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

بيھاريندو ھو. سليٽ تي بہ دائمي ليکون پائي ڏنيون مانس، جن تي سڌا اکر بيھاريندو آھي، پر سچ چئجي تہ اکرن تي مون پورو ڌيان ڪونہ ڏنو. جيڪڏھن اکرن تي پورو ڌيان ڏيان ھا تہ مان اميد ٿو ڪريان تہ پنجن مھينن ۾ اھڙا اکر تي وجنس ھا، جھڙا ٻئي يا ٽئي درجي جي شاگردن جا. معلم صاحب چوندا آھن تہ گھڻن شاگردن کي قلم گھڙي ڏيڻ ۾ اھڙي طرح پٽيون لکي ڏيڻ محال آھي، پر منھنجو آزموده آھي تہ قلم کي اٽڪل پندرھين پندرھين ڏينھن قط ڏيڻو پوي ٿو ۽ 30 قلمن کي قط ڏيڻ ۾ 10 منٽ بہ نہ لڳندا ۽ 30 پٽين لکي ڏيڻ ۾ اٽڪل منو ڪلاڪ لڳندو. سو بہ ھروڀرو ھر روز پٽي لکي ڏيڻ جو ضرور ڪونھي. پٽيءَ تي فقط اٺ لفظ ڪن ٿلھن اکرن ۾ لکي ڏيڻ گھرجن.

مٿئين تجربي بيان ڪرڻ بعد مان وري بہ آزمايل اصول بيان ٿو ڪريان.

1 - جيتري قدر ڍرائي سان ڪم ڪبو ۽ بنياد پڪو ڪبو، اوتري قدر آخر ڪم جلد پورو ٿيندو.

2 - جيتري قدر اصولن تي ڪم ڪبو ۽ شاگرد جي سمجھ ڪم آٽبي اوتري قدر ڪم بہ بھتر ٿيندو يعني پھريائين تڪليف وٺڻ سان، پوءِ اٿلندو معلم لاءِ آساني ٿيو پوي.

3 - جيڪي پوءِ سيکارجي، تنھن کان اڳ سکيل ڪم سان پيٽائي سيکارجي تہ شاگرد منجھي نہ پون.

4 - سيکارڻ مھل خفي ھرگز نہ ٿيڻ گھرجي. مون مٿئين چوکر کي ڪڏھن بہ چماٽ نہ ھنئين.

5 - جيتري قدر شوق سان ڪم ڪبو، اوتري قدر تڪليف گھٽ ٿيندي ۽ نتيجو بھتر نڪرندو. جيتري قدر بي دليو ڪم ڪبو، اوتري قدر محنت وڏيڪ ڪرڻي پوندي ۽ نتيجو گھٽ نڪرندو.

6 - جيتري قدر شوق سان ڪم ڪبو ۽ اصولن موجب تعليم ڏبي، اوتري قدر معلم جو دماغ سڌرندو. نيون نيون پڙھائي جون تجويزون ھٿ اينديون ۽ پڙھائڻ ۾ مزو ايندو ۽ تڪ ٿورو ٿيندو. جيتري قدر بي دليو ڪم ڪبو، اوتري قدر ڪم اڻ وڻندڙ معلوم ٿيندو ۽ تڪ وڌيڪ ٿيندو. سچ پڇو تہ سڌريل ملڪن ۾ جتي معلم شوق سان ڪم ٿا ڪن، اتي اُھي اھڙا آزمودگار ٿي ويا آھن، جو جيڪو اسان ھڪ سال ۾ سيکاري سگھنداسين، سو ھو ٽن مھينن ۾ سيکارين ٿا. مان سنڌ جي معلم صاحبن کي ڏوھ ڪونہ ٿو ڏيان، سنڌ جي حالتن ۽ پبلڪ جو بہ گھڻو ڏوھ آھي. معلمن جي عزت اھڙي ھئڻ گھرجي، جھڙي مرشدن جي ڪبي آھي، بلڪ گھڻو وڌيڪ ۽ معلم صاحبن کي بہ گھرجي تہ حالتون ڪھڙيون بہ ھجن تہ بہ خود قرباني ڪري بہ شوق سان ڪم ڪن. ڌڻي تعاليٰ


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

سندن پورهيو ڪين وڃائيندو.

7 - نندڍا ٻار تمام جلد ٿڪجي پوندا آهن، تنهن ڪري ڪين ٿوري ٿوري وقت کان پوءِ آرام ڏجي يا ڪا راند ڪرڻ جي موڪل ڏجي يا هلڪي ڊرل ڪرائجي. ڪي ٻار ٻين کان اڳ ٿڪجي ٿا پون، تنهنڪري ٿڪ پروڙڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي ۽ جيڪڏهن معلوم ٿئي ته ڪو شاگرد ٿڪو آهي ته ڪم بند ڪرڻ گهرجي.

*(اخبار تعليم - جنوري1931ع )*


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# ٻيو تعليمي تجربو - ٻاراڻو ڪلاس

ٽي سال کن اڳي مون پٽ جمال الدين کي ٻاراڻي ڪلاس جا سڀ ڪم بلڪل چڱيءَ طرح پنجن مهينن ۾ پورا ڪرايا. هو نه رڳو ٻاراڻي ڪتاب جا لفظ لکي ويندو هو پر سڀ لفظ ٻڌل خواه اڻ ٻڌل رواجي ڏڪيائي وارا بلڪ نون غنه وارا به بلڪل آسانيءَ سان لکي ويندو هو. پڙهڻ ۾ هن کي ايتري قدر آساني ٿي پئي جو جڏهن پهرئين يا ٻئي درجي ۾ هو تڏهن ئي ڪو به اڻ پڙهيل ڪتاب ڪٽي ازخود شوق سان ويهي پڙهندو هو. جيڪا ڳالهه مزيدار لڳندي هيس سا ٻين کي ٻڌائيندو هو. انگ ۽ ڪوڙا اصولن سان سکيو، جنهن ڪري ڪو به انگ هڪدم ارٿميٽيڪان تي ڪڍي ڏيکاريندو هو ۽ ڪوڙا پاڻ ناهي ويندو هو. ان تجربي جو بيان تعليم اخبار جنوري 1931 واري ڪاپيءَ ۾ ۽ ملا اسڪول مخزن مارچ 1931 واري ڪاپي ۾ ڏنل آهي. جن ماسترن انهيءَ نموني ۾ ٻاراڻو ڪتاب پاڙهيو آهي ۽ پاڙهين ٿا سي ڏاڍو ڪامياب ٿيا آهن. تنهن ڪري استدعا آهي ته سڀ ماستر صاحب منهنجو مضمون وري غور سان پڙهن ۽ انهيءَ ئي رستي سان ٻاراڻو ڪتاب پاڙهين.

ساڳئي ئي طريقي مون وري پنهنجي ٻئي پٽ ڪمال الدين کي تازو تعليم ڏني آهي. جمال الدين بنسبت چوڻ ۾ ايندو هو ته ذهن تمام چڱو هوندس نه ته پنجن مهينن ۾ ڪم ڪونه ڪڍي سگهي ها. مگر ڪمال الدين جو مثال ڏيکاري ٿو ته ذهن جي ڳالهه آهي ئي ڪا نه. ڪمال الدين کي پهريائين هڪ اسڪول ۾ پڙهڻ وهاريم جتي ڇهه مهينا پڙهيو پر ڪجهه نه سکيو. هو گسائيندو تمام گهڻو هو ۽ پڙهڻ سان شوق بلڪل ڪونه هوس. ارمان جي ڳالهه هي آهي جو اڪثر ماستر ٻارن کي پيار ڪرڻ ۽ دل وٺڻ بدران ڪين دڙڪو داٻ ٿا ڪن ۽ گهڻو وقت زبردستيءَ سان ٻارن کي هڪ هنڌ ويهڻ تي مجبور ٿا ڪن، جنهن ڪري ٻار اسڪول کان ائين ٿا ڀڄن جئين ڪانءُ ڪمان کان. هڪڙي ماستر ڪمال الدين جي دل ورتي ۽ ان وقت هو گسائڻ کان باز آيو. پوءِ ماستر جلد ئي استعيفا ڏئي هليو ويو، ان کان پوءِ ڪمال الدين ڪو ورلي اسڪول ۾ حاضر رهيو. ڇهن مهينن جي عرصي ۾ فقط چوويهه کن اکر جهوني نموني پڙهيو سي به سڃاڻڻ ۽ لکڻ ڪو نه پيو آيس. مثلن پ کي ت ته ت کي پ پئي پڙهيائين. مجبور ٿي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

ڪيس پاڻ پڙهائڻ شروع ڪيم. پهرين جون 1933 کان تعليم شروع ڪيم ۽ 7 آگسٽ بس ڪيم يعني فقط ٻه مهينا ۽ ست ڏينهن تعليم ڏنم.

پڙهائڻ جو طريقو ساڳيو ئي اختيار ڪيم جيڪو جمال الدين جي حالت ۾ اختيار ڪيو هوم. لفظن ڪي آوازن ۾ ورهائڻ ۽ آوازن ڪي گڏي لفظن ٺاهڻ ۾ جمال الدين کي فقط ٽي منٽ. پهريائين ڇئن سبقن تي مهينو کن لڳي ويو يا اجا ٻه وڌيڪ، مگر جيئن پوءِ تيئن تڪڙو ڪم نڪرندو ويو. هر روز اٽڪل چاليهه منٽ صبح جو ۽ پنجويهه منٽ شام جو تعليم ڏيندو هو مانس. ٻن مهينن ۽ ستن ڏينهن ۾ هن ٻاراڻو ڪتاب پڙهي پورو ڪيو ۽ پڙهڻ ۽ لکڻ ۾ اهڙو ئي هوشيار ٿيو آهي جهڙو جمال الدين ٿيو هو. انگن ۽ ڪوڙن تي مون پاڻ گهٽ ڌيان ڏنو تنهن هوندي به 100 تائين انگ ايڪن ڏهاڪن سان سکيو آهي، فقط اُڻ وارا انگ مٿلن اٿهت، اٽتهر پورا پڪا نه ڪيائين. بعضي لکي تي ويو بعضي چڪ ڪيائين پئي جا هيٺين سوالن سان درست پئي ڪيائين:- اٺهٺ ڇا جي اُڻ آهي؟ چي سٺ جي، سٺ جا ڏهاڪا ڪيترا؟ چي ڇهه، پوءِ اٺهٺ ۾ ڪيترا ٿيا؟ چي پنج. پوءِ درستي ڪري پئي ويو. ڪوڙو فقط ٻڪي جو سيکاريو مانس پر اصول سمجهڻ سان ارٿميٽيڪان تي سکيو. پهريائين ارٿميٽيڪان تي ٻه ٻه گولا ڪيندو جوڙ ڪرائيندو ويو مانس پوءِ بنا ارٿيميٽيڪان زباني جوڙ ڪرايو مانس. پوءِ وري ارٿيميٽيڪان تي ايڪ ڏون ڏون، ٻه ڏون چار آخر تائين ڇئي ويو. مون کي يقين آهي ته جيڪڏهن هڪ هفتو مون وٽ وڌيڪ هجي ها ته ڪوڙا پنجين تائين ۽ انگ 100 تائين بلڪل چڱي طرح پڪا ٿي وڃنس ها. هن مان سمجهو ته ڪمال الدين کي فقط اڍائي مهينا ڪل لڳن ها ۽ جمال الدين کي پنج مهينا لڳا هئا. اگرچه ظاهراً ڏسجي ٿو ته ڪمال الدين اڳي ئي اسڪول ۾ پڙهيو هو تنهنڪري ٿوري وقت ۾ ڪم ڪڍي ويو، پر مان اڳي ئي بيان ڪيو ته اسڪول ۾ درحقيقت ڪجهه ڪونه سکيو هو، جيڪي ٿورا حرف پڙهيو هو تن مان مون کي ڪجهه به مدد نه ملي. پر ڪٿي فرض ڪيو ته ڪجهه نه ڪجهه مدد ملي پوندي ته به هفتي کن جي يعني ڇئبو ته ڪمال الدين ٻن مهينن ويهن ڏينهن ۾ سڀ ڪم ڪڍي ويو.

مان وري به هتي هيٺيان اصول بيان ڪريان ٿو.

1 - تڪڙ اصل نه ڪجي. جيڪو ٿورڙو ئي ڪم ڪجي سو خوب پڪو ڪرائجي، پوءِ اڳتي وڌجي. تڪڙ ڪبي ته سال لڳندا، ڍرائي ڪبي ته مهينا به نه لڳندا.

2 - لکڻ ۽ پڙهڻ گڏ هلائجن. جيڪي سيکارجي سو ٻار لکي به وڃي ۽ سڃاڻي به وڃي ته پوءِ اڳتي وڌجي.

3 - جيڪي اڳي سکيل هجي سو روز بروز وري وري دؤر ڪرائجي يعني لکرائجي ۽ سڃارائجي، نه ته ننڍي ٻار کي اڳيون سکيل ڪم وسري ٿو وڃي.

4 - ٻاراڻي ڪلاس جون سندن سبقن موجب ٽوليون ٺاهجن. هڪڙي ٽوليءَ کي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

سيکارجي تہ ٻين ڪي يا تہ آرام ڏجي يا پٽين تي اندا بہ لڪرائجن ۽ آرام بہ ڏجي. ننڍا ٻار تمام جلد ٿڪجي ٿا پون. جيڪڏهن ڏسجي تہ ڪنهن بہ ٽولي ۾ هڪڙو ٻار منجهي پيو آهي. ايتري قدر جو شڪ پوي تہ شايد مغز تازو نہ اٿس تہ ان ٽوليءَ ڪي هڪدم ڇڏي ڏجي تہ آرام وٺن.

5 - هي ڳالهہ ضروري آهي تہ جيڪي حرف سيکارجن ۽ انهن سان جيڪي آواز شامل ڪجن تن سان لفظ جيڪي بہ ٺهي سگهن سي سجاڻارائجن ۽ لڪارائجن. مثلن اَ اِ اُ آ ۽ بَ بِ بُ با جڏهن سجاڻي ۽ لکي وجن تہ تڏهن هينيان لفظ لکائجن ۽ سجاڻارائجن. اَبا، آب، باب، وغيره. چوٿين سبق ۾ جڏهن اي سيکارجي تڏهن اهو آواز سيني پڙهيل حرفن (يعني ٿ تائين) سان لڳائجي ۽ لفظ ٺهرائجن مثلن بتي، پٽي، بيٽ، وري جڏهن اي جو آواز سيکارجي تڏهن بہ ساڳيءَ طرح لفظ ٺهرائجن مثلن پٽي، پيٽ وغيره.

6 - ننڍن ٻارن کي اڪثر معلم ۽ ماستر چوندا آهن تہ ويهي پڙهو ۽ ڏاڍيان پڙهو. پوءِ هو زور سان الف ب الف ب يا الف زبر اَ ب زبر بَ، الف زير اِ ب زير بِ يا الف مد آ بي الف با الف مد آ، ب الف با وري وري پيا چوندا آهن. ائين ڪرڻ بلڪل بيڪار ۽ بيسود آهي. ٻارن خواه معلمن جو مغز اجايو ٿو ڪپي. پر جڏهن ٻارن کي جملن وارا سبق سيکارجن مثلن پنجون سبق تڏهن سيکارڻ بعد ڪين چئي سگهجي ٿو تہ هاڻي ان کي پڪو ڪيو پوءِ تمام آهستہ ان کي پڙهي پڪو ڪن. پر ان ۾ بہ وڏو خطرو آهي جو تہ جيڪڏهن هو ڪا چڪ ڪندا تہ پوءِ اها چڪ پڪي ٿي ويجي ۽ ان کي متائڻ ڏاڍو ڏکيو ٿو لڳين. تنهن ڪري سبق چڱيءَ طرح سيکارڻ بعد بہ ڪنهن متئين درجي واري ڇوڪري جي زير نظر سبق پڪو ڪن تہ بهتر ٿيندو. پر اهو وڏو ڇوڪرو درستي نہ ڪري فقط ان ٻار کي ٻڌائي تہ هي لفظ غلط ٿو پڙهين يا هي لفظ ڇڏي ٿو ڏين. پوءِ اهو ٻار پاڻ آواز ڪڍي اهو لفظ درست ڪري پڙهندو. اها ماستر وڏي غلطي ڪندا آهن جو پاڻ درستي ڪندا آهن. ٻارن کي پاڻ پنهنجي غلطي درست ڪرڻ گهرجي.

7 - اصولن ۽ سمجهاڻي سان تعليم ڏيڻ ۾ اڪثر ماستر وڏي تڪليف سمجهندا آهن، مگر مون کي يقين آهي تہ چڱيءَ طرح تعليم ڏيڻ ۾ تڪليف بہ گهٽ ڪرڻي ٿي پوي، وقت بہ گهٽ ٿو لڳي ۽ تعليم بہ سٺي ٿي ٿئي. مثلن جيڪڏهن ڪو ماستر بنا اصولن ۽ سمجهاڻي جي پهرين درجو هر روز چار ڪلاڪ هڪ سال پاڙهي ۽ ٻيو ماستر اصولن ۽ سمجهاڻي سان ساڳيو درجو هر روز ٽي ڪلاڪ فقط ڇهہ مهينا پاڙهي تہ پوئين ماستر جو ڪلاس پهرئين ماستر جي ڪلاس کان گهٽ ۾ گهٽ ڏهوڻو بهتر ٿيندو. ڇو تہ پهرئين ڪلاس جو دماغ نہ ڪلندو ۽ اڳتي وڌڻ ۾ تڪليف ڏيندو ۽ پوئين ڪلاس جو دماغ ڪلندو ويندو ۽


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

جئين پوءِ تئين تڪليف بلڪل ڪونہ ڏيندو. خصوصن حساب جيڪڏهن اصولن سان تا سيکارجن تہ شاگرد جلد بہ سکن تا ۽ ترقي ڪرڻ ۾ ۽ متئين درجن جي حسابن ڪرڻ ۾ بلڪل گهٽي سهولت تي پئي تي. ساڳيءَ طرح جيڪڏهن ڪتاب جي سبقن ۽ تاريخ جاگرافي وغيره تي سمجھ جا سوال تا پڇجن تہ ٿورئي وقت ۾ شاگرد پنهنجي ليکي پڙهڻ مهل ڳالھ کي سمجھڻ جي ڪوشش تا ڪن ۽ منجهن ڪتابن جي مطالعي ڪرڻ جو شوق پيدا ٿو ٿئي، نہ تہ هو رڳو لفظ تا پڙهن، نڪي ڪجھ سمجهن تا، نڪي واقفيت حاصل ڪن تا نڪي خيال ۽ ڳالھ جو مطلب جهٽين تا. ان حالت ۾ هنن جو پڙهڻ ۾ نہ پڙهڻ هڪجهڙو آهي.

متين هدايتن ڏيڻ ۾ اصل مضمون کان پري وڃي پيو آهيان. مضمون آهي ٻاراڻو ڪلاس. ٻاراڻو ڪلاس تمام مکيہ ڪلاس آهي. سڄي اسڪول جي واڌاري ۽ سڌاري ۽ ترقيءَ جو بنياد آهي. جيڪڏهن ٻاراڻو ڪتاب چڱي طرح پاڙهجي تہ پوءِ ڪتابن پڙهڻ ۽ لکڻ جو ڪم لهي ويو. متين درجن ۾ پوءِ ماسترن کي فقط اها ڳالھ ڏسڻي پوندي تہ شاگرد جيڪي پڙهن تا سو سمجهن تا يا نہ. بلڪ سمجھ ڪم آڻڻ جو بنياد بہ ٻاراڻي ڪتاب پاڙهڻ مهل وجهي سگهجي ٿو. شاگردن کي هي عادت وجهجي جو جيڪي پڙهن سو زبان هلائڻ ۽ چپن چورڻ کان سواءِ پڙهن ۽ فقط مطلب جهٽي اهو پنهنجن لفظن ۾ ٻڌائي سگهن.

ڏنو ويو آهي تہ جيڪو طريقو ٻاراڻي ڪتاب پاڙهڻ جو اڳئين مضمون ۾ ڏيکاريو اٿم سو ڪن معلمن ۽ ماسترن کي مغز ۾ ئي نٿو ويهي. منهنجي خيال ۾ ائين ٿو اچي تہ هو انهيءَ مضمون سمجهڻ جي ڪوشش ئي نٿا ڪن يا ان کي عمل ۾ آڻڻ جي ڪوشش نٿا ڪن. سمجهڻ جو بهترين طريقو آهي عمل ۾ آڻڻ. جيڪڏهن هو عمل ۾ آڻين تہ ازخود اهو طريقو هنن کي سمجھ ۾ ايندو ويندو.

تنهن هوندي بہ هتي مان هڪڙو ٻيو طريقو بيان ٿو ڪريان جو سمجهڻ نهايت آسان آهي. اهو طريقو مون آزمايو ڪونهي پر سمجهان ٿو تہ ان مان بہ نهايت چڱو نتيجو نڪري سگهندو. اهو هي آهي:

پهريائين اٽڪل 15 حرف سيکارجن پر اهڙيءَ طرح سيکارجن جو ٻار اهي حرف لکي بہ وڃن ۽ سڃاڻي بہ وڃن. پوءِ انهن سان زبر جو آواز شامل ڪجي سو هيئن:- پهريائين ٻارن کي اواز ڪڍڻ ۽ آواز کي ملائي لفظ ٺاهڻ سيکارجي. مثلن ٻارن کان پڇجي تہ هي ڇا آهي؟ ڇي اڪ پوءِ ان لفظ کي ٻن آوازن ۾ ورهائي ڏيکارجي يعني اَ - ڪ. پوءِ ڪين چئجي تہ ساڳي طرح هت ان جا آواز ٻڌايو. اهو استعمال خوب ڪرائي پوءِ چئجي تہ هاڻي مان ٿو آواز ٻڌايان، اوهان انهن کي ملائي لفظ ٻڌايو. مثلن ڪا - ني، انهن مان ڪهڙو لفظ ٺهيو تہ هو تڪڙو ڳڌي چون ڪاني. اهو بہ استعمال تي رهي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

تہ پوءِ الف کي زبر ڏيئي ( اَ) ٻڌائجي تہ هي آهي اَ. وري بي کي ساڳي طرح زبر ڏبي تہ ٿيندي بَ. هاڻي ٻڌايو تہ ٻي کي زبر ڏبي يعني هي ( ٻَ ) ڇا ٿيو؟ هي ( پَ ) ڇا ٿيو يعني پندرهن ئي حرفن سان زبر شامل ڪجي ۽ ايترو استعمال ڪجي جو اهي سڀ آواز لکي بہ وڃن ۽ پڙهي بہ وڃن. پوءِ انهن مان لفظ ٺهرائجن. مثلن اَٿ - پٽ، اهي پڙهائجن بہ ۽ لکائجن بہ ايتري قدر جو انهن 15 اکرن مان زبر سان جيڪي بہ لفظ ٺهي سگهن سي بنا سيکارڻ جي بہ سجاڻي ۽ لکي وڃن.

پوءِ انهن پندرهن اکرن سان ساڳي طرح زير جو آواز شامل ڪري لفظ ٺهرائجن.

پوءِ وري اهڙا لفظ ٺهرائجن جن ۾ زبر زير ٻئي اچي وڃي. مثلن پهريائين پٽ - پِت وغيره پوءِ وري پِٽ، ٿپ ۽ پِٽ وغيره.

اهڙي طرح ڏه ئي آواز يا بهتر ٿيندو تہ اٺ آواز (اَ ۽ اُو کان سواءِ انهن 15 اکرن سان شامل ڪري هر قسم جا لفظ ٺهرائجن، لکرائجن ۽ سڃاڻارائجن.) پوءِ ڪا بہ تڪليف ڪانہ ٿيندي. ڇا ڪجي جو ٻيا 15 اکر سيکاري انهن سان ۽ اڳين 15 سان گڏي لفظ ٺهرائجن. پوءِ وري ٻيا 5. اهڙيءَ طرح جلدئي سڀ الف ب پوري ٿي ويندي. فقط اها خبر نہ پوندي تہ ز، ذ، ض يا ظ ڪم آڻبي، س، ث يا ص ڪم آڻبو.

عام رواجي دستور آهي جو پهريائين ٻارن کي 25 ئي اکر پاڙهيا وڃن ٿا. اهو ڪم ٻارن لاءِ بلڪل ڪٺن آهن. منهنجي خيال ۾ ائين ٿو اچي تہ 6 مهينا لڳائبا تہ بہ مشڪل سان سڀ اکر لکي ۽ سڃاڻي سگهندا ڇو تہ هنن کي لفظن ۾ ڪم نہ آڻن ڪري وري وري وسري ٿا وڃن.

*(اخبار تعليم - ڊسمبر 1933 )*


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# ٽيون تعليمي تجربو

منهنجي ڳوٺ سانگي تعلقي ميهڙ ۾ نڪو اسڪول آهي نڪو مڪتب. اڌ ميل پنڌ تي منگواڻن ۾ هڪ لوڪل بورڊ مردانه اسڪول آهي، پنهنجين ٻن نياڻين کي ان اسڪول ۾ پڙهڻ وهاريم. هڪڙيءَ ٻاراڻو پاس ڪيو، ۽ ٻي اجا ٻاراڻي ۾ ئي هئي ته ڪن تڪليفن جي ڪري ڇوڪرين پڙهڻ ڇڏي ڏنو. هڪ سال يا ڪ ائين ئي گذري ويا. پوءِ سيپٽمبر 1930 ۾ فيملي لاڙڪاڻي ۾ وٺي آيس. سيپٽمبر جي آخر ۾ ڇوڪريون ٻئي هڪ مردانه اسڪول ۾ ويهاريم. ان اسڪول ۾ ان وقت پڙهائي جي حالت گهڻو گهٽ هئي، جنهن جو ثبوت اهو بس آهي ته مارچ 1931 ۾ جڏهن ساليانو امتحان ٿيو، تڏهن ننڍي ڇوڪري اگرچه اڳي ٻه پڙهيل هئي ته به پنجين سبق تائين مس پهتي هئي. لاچار ٿي سندس سال بچائڻ لاءِ اپريل جو سڄو مهينو مون پاڻ کيس تعليم ڏني. مون ڏٺو ته ٻئي ۾ ٽئين سبق جا لفظ به ڪونه پي آيس. تنهن ڪري نئين سر پهرئين سبق کان شروع ڪيم. هر روز اڌ ڪلاڪ يا منو کيس تعليم ڏيندو هوس. هڪ مهيني ۾ ٻاراڻو ڪتاب به پورو ڪرايو مانس ۽ انگ ۾ ڪوڙا به سيکاريا مانس. پوءِ درخواست ڪري کيس پهرئين درجي ۾ ڪرايم. مارچ 1932 ۾ وڏيءَ ڇوڪري ٻيو درجو ۽ ننڍيءَ پهريون درجو پاس ڪيو. هاڻي کين زناني اسڪول ۾ ڇڏيم جتي پڙهائي هيڪاري گهٽ هئي. اپريل 1932 جو سڄو مهينو ٻنهي ڇوڪرين کي گڏي حساب سيکاريم. اڌ ڪلاڪ يا منو روز سيکاريندو هوس. هڪ مهيني ۾ ايترو ڪم نڪري ويو جو ٻنهي کي هڪ درجو ٽپاريم، يعني وڏيءَ کي چوٿين درجي ۾ ننڍيءَ کي ٽئين درجي ۾ رکايم. مارچ 1933 ۾ وڏي چوٿون ۽ ننڍي ٽيون درجو پاس ڪيو. اپريل 1933 کان ٻنهي کي ورنيڪيولر فائنل امتحان جي تياري ڪرايم يعني ڇهين درجي جا ڪم ڪرڻ لڳيون. اپريل کان وٺي اسڪول ۾ سندن پڙهڻ ڪون ٿي سگهيو، گهر ۾ پڙهنديون هيون. مون کين ٻه مهينا اپريل ۽ مئي تعليم ڏني. هر روز ڏيڍ ڪلاڪ کن کين تعليم ڏيندو هوس. فقط ڪتاب، صورتخطي، گرامر ۽ حساب سيکاريندو هوس. پهرين جون کان مان گشت تي هليو ويس ۽ وري ساڍن ٽن مهين بعد موٽي آيس. انهيءَ عرصي ۾ ڇوڪرين کان سڪيل ڪم به گهڻي قدر وسري ويا ۽


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

مون کي نئين سر محنت ڪرڻ پئي. اٽڪل ڏيڍ مهينو ڪين وري تعليم ڏنم يعني 15 سيپٽمبر کان آڪٽوبر تائين. پوءِ وري گشت تي هليو ويس. هڪڙي لوڪل بورڊ اسڪول جي ماستر مهرباني ڪري خانگي طرح پنج مهينا پهرين نومبر 1933، کان 30 مارچ 1934 تائين ڪين تعليم ڏني. پر انهن پنجن مهينن مان هڪ مهينو موڪلن ۾ ويو. تعليم رات جي وقت هڪ ڪلاڪ مس ڏينهن ۾ ايندي هئي ۽ ڇوڪريون پنهنجي منهن ڏينهن جو فقط منو ڪلاڪ مس پڙهنديون هيون. رات جي وقت معلم خواه متعلم جو دماغ اهڙو سنو ڪم نٿو ڪري سگهي جهڙو ڏينهن جي وقت، خصوصن پهرئين اڌ ڏينهن ۾. اپريل 1934 جي شروعات ۾ ورنيڪيولر فائنل امتحان ٿيو. وڏي ڇوڪري پاس ٿي آهي ننڍي ناپاس. ننڍي ڇوڪري وڏيءَ کان گهٽ نه آهي، پر اڪر ڪچا اٿس، ۽ امتحان جي هفتي کان اڳئين هفتي ۾ تمام سخت بخار هوس.

مٿئين بيان مان ڏسڻ ۾ ايندو ته وڏيءَ ڇوڪريءَ گويا ساڍن ڇئن سالن ۾ ننڍيءَ ساڍن ٽن سالن ۾ ستن سالن جو ڪم ڪيو، اگرچه ڪين ڪا باقاعدي چڱي تعليم ڪانه ملي. پويون مڪيه سال ته ڪنهن اسڪول ۾ ئي ڪونه پڙهيون، نه وري ڪين ڪو پنهنجو شوق هو. امتحان ڏيڻ کان بيزار هيون. گهڻو وقت راند ۾ لڳائينديون هيون. مون ڪين امتحان جي تياري فقط هن لاءِ ڪرائي ته ٻين لاءِ خصوصن ماستر صاحبن لاءِ مثال قائم ڪريان ته هنن کي به پنهنجي ڀينرن ۽ ڌيئرن کي امتحان لاءِ تيار ڪرڻ جو شوق پيدا ٿئي. مون کي ڏاڍو ارمان ٿيندو آهي ته ماستر صاحب جن جو ڏنتو ئي آهي تعليم ڏيڻ، سي پنهنجي نياڻين کي تعليم ڇو نه ٿا ڏين. هو چوندا آهن ته اسان کي ڪو ڪين نوڪري ته ڪرائڻي ڪانهي. منهنجي خيال ۾ نوڪري ڪرائڻ عيب ته ڪونهي. اٽلندو چڱو ڪم آهي. اڄوڪي وقت ۾ 20 يا 25 رپيا مهينو پگهار وڏي غنيمت آهي.

ازان سواءِ ماسترياڻيون هونديون ته زنانا اسڪول گهڻا کولي سگهبا، ۽ زناني تعليم ترقي ڪندي. پر اگرچه نوڪري ڪرڻي نه هجي ته به تعليم فائدي واري ناهي ڇا! افسوس آهي جو ماستر ماڻهو تي ڪري اهڙو جواب ٿا ڏين. مان پنهنجي سر نهايت خوش ٿيندس جيڪڏهن منهنجيون نياڻيون تعليم ڏينديون. پر تعليم ڏين خواه نه ڏين منهنجو وڏيڪ شوق اهو آهي ته هو پاڻ علم واريون ٿين ۽ هميشه علم پڙهنديون رهن. انهيءَ ڪري امتحان کان پوءِ پاڻ وڌيڪ هنن کي علم پڙهڻ تي آماده ڪيو اٿم. هاڻي هو اردو ۽ انگريزي ٽيون سڪن ۽ پڻ ديني ڪتاب ۽ تاريخون، جاگرافيون، اردو ۽ ٻيا ڪتاب پڙهنديون آهن. مطلب ته ڄمڻ کان مرڻ تائين ڪتاب پڙهڻ گهرجن ۽ علم کي وڌائيندو رهجي.

مٿئين بيان مان هي به سمجهي سگهجي ٿو ته تعليم ڏيڻ ڪا ڏکي ڳالهه ڪانهي. منهنجي ڇوڪرين کي اگرچه باقاعدي يا لاڳيتي چڱي تعليم ڪانه ملي ته به درجا



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

ٽپنديون ٿورڙي عرصي ۾ ڪم ڪيو ويون. مون ڪي خاطري آهي ته جيڪڏهن مان ڪين باقاعدي به ڪلاڪ روز ٻن سالن تائين تعليم ڏيان ها ته ٻن سالن ۾ ستن سالن جو ڪم ڪيو وڃن ها ۽ ورنيڪيولر فائنل امتحان ۾ فل پاس ٿين ها. مگر مون وڏي ڇوڪريءَ کي فقط ساڍا 4 مهينا ۽ ننڍي کي فقط ساڍا 5 مهينا تعليم ڏني. انهيءَ عرصي ۾ به بلڪل ٿورڙو وقت تعليم ڏيندو هوس. مگر جيڪا تعليم ڏيندو هوس سا اصولن ۽ سمجهه سان. مان جيڪڏهين رواجي طرح تعليم ڏيان ها ته هرگز درجا ٽپي ڪو نه سگهن ها. ڪي ماستر شايد چوندا ته ڇوڪرين کي خداداد ذهن هوندو، هرگز نه. خداداد ذهن هجين ها ته ننڍي ڇوڪريءَ جي اها حالت نه هجي ها جو مارچ 1931 ۾ ٻاراڻي ڪتاب جي ٻئي سبق جا لفظ به نه لکي سگهي ها. تعليم جو نمونو ئي اهڙو آهي جو ٻار جو ذهن کولي ٿو. بي اصولي تعليم ڏيڻ سان ذهن خراب ٿو ٿئي، ۽ اصولي تعليم ڏيڻ سان ذهن کلي ٿو. افسوس جو گهڻا ماستر اصولي تعليم ڏيڻ کان ڏاڍو ٿهن ۽ ڀڄن ٿا. جيڪڏهن اصولي تعليم ڏين ته کين به ڏاڍو مزو اچي، شاگردن کي به خوشي حاصل ٿئي. ذهن کلي، ڪم به ٿوري وقت ۾ پورو ٿئي ۽ نتيجو به ڪرامت جهڙو نڪري. خصوصن حساب سيکارڻ مون کي ڏاڍا سولا ٿا لڳن. هڪڙي هفتي ۾ سڄي سال جا حساب سيکاري ويندو هوس. مان نڪي ٻڌائيندو هوس، نڪي حساب ڪري ڏيکاريندو هوس. فقط سوال پڇندو ويندو هوس ۽ ڇوڪريون ٺيڪ جواب ڏينديون ويندون هيون. گهڻي قدر جنسي شيون وڏيڪ ڪم آڻيندو هوس، خصوصن هيٺين ڪلاسن ۾ سڀ حساب پهريائين زباني ڪرائيندو هوس، پوءِ سليٽ تي. گهڻي ڪرامت مون کي هن اصول ۾ ڏسڻ ۾ آئي ته سولي تان ڏکئي ڏي وڃجي. مان پهريائين تمام سليس ۽ ننڍڙا حساب ڏيندو هوس، ۽ پوءِ رفته رفته ڏکيرا ڪندو ويندو هوس. ان مان اها ڪرامت ظاهر ٿيندي هئي جو ڇوڪرين اصول به پاڻيهي سمجهي وينديون هيون. ڪيترائي ڀيرا ائين ٿيو جو بنا سوالن پڇڻ جي حساب ڏيندو ويس ۽ ڇوڪريون پاڻيهي برابر ڪنديون ويون.

ڪتاب جو سبق ڇوڪريون پنهنجي منهن پڙهنديون هيون. مان فقط سبق تي ٽي چار سوال مطلب جا پڇندو هوس، جن مان خبر پوندي هئي ته سبق جو مطلب يا خيال سندن مغز ۾ ويٺو آهي يا نه. ان جو نتيجو اهو ٿيو جو جيڪو سبق هو پڙهنديون هيون، تنهن تي غور ڪري سمجهي ان جا خيال مغز ۾ وهارينديون هيون. مگر ڪتاب پڙهائڻ جو ڪم مون پوئين سال ۾ ڪيو جڏهن ڇهون ڪتاب شروع ڪيائون. جيڪڏهن پهرئين درجي کان ئي اهي عادت مان منجهن وجهان ها ته خبر ناهي ته ڪيتري قدر سندن ذهن ۽ سمجهه کلي ها.

*(اخبار تعليم جولاءِ 1934)*


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

# 33 سيڪڙو مارڪون ۽ ڪي تعليمي هدايتون

اسان جي امتحانن ۾ جيڪو شاگرد 33 في سيڪڙي مارڪون ڪٽي ٿو، تنهن کي پاس ڪيو ٿو وڃي. انهيءَ ڪري تعليم ڏيندڙ خواهه شاگردن ۾ هڪ قسم جي بي پرواهي پيدا ٿئي ٿي، يعني نڪي ماستر ڪامل تعليم ڏيڻ جي ڪوشش ٿا ڪن، نڪي شاگردن ۾ اهي گڻ پيدا ٿا ٿين جي زندگيءَ ۾ نهايت ضروري آهن، ۽ جن کان سواءِ دنيا ۾ سخت ناڪامايبيون ۽ سخت نقصان ۽ مصيبتون برداشت ڪرڻيون ٿيون پون. اهي گڻ هي آهن:

ته جنهن ڪم کي وٺجي تنهن کي ڪماليت وٺائجي ۽ اڌورو نه ڇڏجي، ۽ ان کي بيحد ڪمال صحيح طور ڪجي، نه ڪجهه صحيح ۽ نه ڪجهه غلط، ۽ ان ڪم ۾ ڪمال محنت، غور ۽ استقلال ڪان ڪم وٺجي. مگر 33 في سيڪڙي تي راضي رهڻ ڪري شاگردن ۾ اٿلندو سستي، بيپرواهي ۽ بي خيالي جا گڻ پيدا ٿا ٿين ۽ هو ڪو به ڪم چڱيءَ طرح ڪرڻ جي ڪوشش ئي نٿا ڪن. دنيائي ڪمن جا مثال وٺو. ڇا اسان اهڙي حڪيم يا ڊاڪٽر ڪان راضي رهنداسين جو مرضن جي سڃاڻپ ۽ صلاح فقط 33 سيڪڙو صحيح ۽ 67 سيڪڙو غلط ڪري؟ ڇا شاگردن لاءِ اهڙا ماستر ۽ ڪتاب ڪافي آهن جي 33 سيڪڙو صحيح 67 سيڪڙو غلط ڳالهيون سيکارين؟ ڇا دڪاندار ۽ ٻيا ماڻهو پنهنجا ڌنڌا ۽ ڪم ڪاريون هلائي سگهندا، جيڪڏهن ليکو چوکو 67 سيڪڙو غلط ڪن؟ ڇا اسان اهڙن ڪلارڪن ۽ خزانچين ڪان راضي رهنداسين جي حساب ڪتاب فقط 33 سيڪڙو صحيح لکن؟ ڇا اسين راضي رهنداسين جيڪڏهن ڪو پيغام پهچائيندڙ اسان جو پيغام 67 سيڪڙو غلط پهچائي يا ڪو خط ۽ درخواست يا دستاويز فقط 33 سيڪڙو صحيح لکي؟ جيڪڏهن نه ته پوءِ ڇو اسان شاگردن جي 33 سيڪڙو صحيح ۽ 67 سيڪڙو غلط ڪم تي راضي ٿا رهون، ۽ ڪين سڄي حياتيءَ لاءِ بيڪار ڪري ٿا ڇڏيون؟

جيڪڏهن تعليم جو ڪورس ڏکو ۽ نامناسب آهي جنهن ڪري 33 سيڪڙو صحيح ڪم تي راضي رهڻو ٿو پوي ته پوءِ ماسترن کي گهرجي ته يڪمشت تي ان ڪورس جي مخالفت ڪن پر سو تڏهن جڏهين ماستر پهريائين پنهنجي فرض ادائي ۾


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ پاڳي پائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڪا بہ ڪسر نہ ڇڏين. مان سمجهان ٿو تہ ڪورس ۾ گهٽيون ئي خاميون آهن پر معلمن جي تعليم ۽ شاگردن جي فرض ادائي ۾ بہ گهٽيون ڪوتاهيون آهن. جيستائين ڪورس ۾ ڪي تبديليون ٿين، تيستائين ماسترن ڪي پنهنجي قابليت موجب تجربا ڪرڻ گهرجن. جيڪي ڪم رکيل آهن تن مان سولا ۽ مکيہ ۽ ڪارائتا ڀاڱا شاگردن کي چڱيءَ طرح سيکارين ۽ ڪين چون تہ اهي تمام چڱيءَ طرح سمجهو ۽ ڪيو. پوءِ اهڙن ڀاڱن جو امتحان زباني خواه لکيل وٺي ڏسن ۽ پاس ٿيڻ لاءِ مارڪون گهٽيون رکن مثلن 75 يا 80 سيڪڙو. مان پنهنجي خيال موجب هيٺيون هدايتون مناسب ٿو سمجهان.

ماستر ڪنهن بہ ڪم جو ٿورو حصو بلڪل چڱي طرح سيکارين ۽ شاگردن کي بہ خبردار ڪري ڇڏين تہ انهيءَ ڀاڱي ۾ امتحان فلاڻي تاريخ ٿيندو، ۽ اوهان کي 100 مان 100 مارڪون ڪٽڻيون آهن. پوءِ ڪلاس ۾ بہ گهٽو ڌيان ڏيندا ۽ گهر ۾ بہ شوق سان اهو ڪم ڪندا. هو نہ رڳو محنت ڪندا پر غور ۽ سمجهہ ڪم ڪندا. پوءِ ماستر سوالن جا پيپر اهڙا ناهين جنهن جا بہ يا ٽي ڀاڱا هجن. پهرئين ۾ سولا سوال سولي نموني هجن ۽ اهي تمام مکيہ ۽ ڪارائتين ڳالهين بہ نسبت هجن. ٻئي ڀاڱي ۾ سمجهہ جا سوال هجن پر انهن ٻنهي ڀاڱن جا سوال سيکاريل ٽُڪري مان هجن.

جيڪڏهن ٽيون ڀاڱو بہ پيپر جو ڪجي تہ ان ۾ فقط اهڙا سوال هجن جي شاگردن جي عام واقفيت ۽ سمجهہ چڪاسين. انهن ٽن ڀاڱن ۾ پاس ٿيڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ 80، 50 ۽ 30 في سيڪڙو مارڪون مقرر ڪرڻ گهرجن. ٻي ضروري ڳالهہ هي آهي تہ شاگردن کي ڏُکن هڻڻ کان (زباني توڙي لکيل جوابن ۾) سختي سان روڪين. شاگردن ۾ ڏکن جي عام عادت آهي سا ڏاڍي نقصان ڪار آهي، ۽ اها عادت دنيا ئي ڪمن ۾ بہ هنن کان نٿي وڃي ۽ ان عادت مان پوءِ وڏا نقصان ٿا ٿين. اهڙي ماڻهوءَ جو دماغ هميشہ منجهيل رهي ٿو. سمجهو تہ ڪو ماڻهو مون کان حيدرآباد وڃڻ جو رستو ٿو پڇي، مون کي پڪ بہ ڪانهي تہ ڪهڙو رستو حيدرآباد ڏي ويندو، تنهن هوندي بہ هن کي هڪڙو رستو وٺايان ٿو ۽ اهو رستو حيدرآباد جي بدران هن کي جهرڪن جي سامهون وڃي ٿو ڪڍي، پوءِ ڪيڏو نہ نقصان پئجي ٿو وڃي. تنهنڪري ڏکن هڻڻ جي عادت هر طرح زيان ڪار آهي، ۽ خواه مخواه تعليم جي ڪم ۾ بہ شاگردن کي منجهيل ۽ ڏڏ ڪري ٿي وجهي. جتي مناسب ڏسڻ ۾ اچي اتي ڏکن لاءِ اٽلندو مارڪون ڪاٽڻ گهرجن.

هاڻي تعليم بنسبت ڪي هدايتون ٿيو ڏجن.

(1) جيتري قدر ٿي سگهي اوتري قدر جنسي شين جي وسيلي شاگردن کي عمل ڪرائي تعليم ڏجي. مثلن جيڪڏهن ڪجهہ خريد ڪرڻو هجي تہ شاگردن کي چئجي تہ فلاڻو شيءَ هٽ تان يا اسٽور تان وٺون ٿا، اگهہ هي آهي، هاڻي حساب



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڪريو تہ ڪيترا پئسا ڏيڻا پوندا؟ پوءِ هڪڙي شاگرد کي موڪلجي تہ اها شي اوتري انداز ۾ وٺي اچي.

(2) تعليم ڏيڻ ۾ هميشہ سوالن ۽ گفتگو جو رستو اختيار ڪجي. ان حالت ۾ شاگردن کي ڌيان ڏيڻو پوندو، پنهنجي مغز مان اڳ ڄاتل ڳالهہ ڪوٺي ڪڍندا، غور ۽ فڪر ڪندا، پنهنجي راءِ ڏيندا ۽ پنهنجا خيال پنهنجن لفظن ۾ ظاهر ڪرڻ جو استعمال ڪندا.

(3) جيتري قدر ٿي سگهي اوتري قدر جيڪي جيڪي سيکارجي، تنهنجو لاڳاپو پيٽ تفاوت ۽ سمجهاڻي زندگي جي روزمره جي ڪمن ڪارين ۾ مشاهدن ۽ تجربن سان ڪجي شاگردن کي خيال ڪرڻ گهرجي تہ جيڪي سکيو سين، سو ڪيتري قدر اسان کي دنيا ۾ ڪم ايندو.

(4) ماسترن کي تڪڙ هرگز ڪرڻ نہ گهرجي مثلن ٻاراڻي ڪتاب ۾ جيستائين شاگرد ٻيو سبق چڱيءَ طرح پڙهي ۽ لکي نہ سگهن تيستائين ٽيون سبق هرگز شروع ڪرڻ نہ گهرجي، بلڪ ٽيون سبق شروع ڪرڻ بعد بہ ٻئي سبق جو دور وري ڪرائڻ گهرجي. ساڳئي طرح حسابن ۾ بہ جيستائين هيٺيان حساب ڪامل طور 18- آنا نہ اچن، تيستائين اڳتي هرگز وڌڻ نہ گهرجي. هيٺين حسابن جو وري وري استعمال ڪرائڻ گهرجي. پهريائين بيحد سولا حساب ڏيڻ گهرجن پوءِ تمام آهستہ آهستہ وڌائجن.

(5) اڪثر ماستر خواهہ شاگرد ڪچي شاگرد بنسبت سمجهندا آهن تہ قدرتي طرح ڪند آهي. انهيءَ خيال جي ڪري نڪي ماستر ئي مٿس محنت وٺندو نڪي شاگرد پاڻ ئي چاهہ ڪندو. حقيقت ۾ شاگردن جي ڪچائيءَ جا سبب گهڻو ڪري هيٺيان ٿا ٿين:-

1- ڪا جسماني حرڪت يا بيماري جنهن لاءِ ڊاڪٽر جي تپاس ۽ علاج ضروري آهن.

2- ڪي ٻار ماءُ پيءُ جي بيوقوفي جي پيار جي ڪري راندين تماشن ۽ رلڻ ۾ سڄو وقت صرف ٿا ڪن، ۽ پڙهڻ تي دل ئي ڪا نہ ٿا لڳائين.

3- ڪا دماغ جي خامي جنهن کي چڱا ۽ سمجهو ماستر ڳولهي ۽ درست ڪري ٿا سگهن. جڏهن آءُ ميٽرڪ ڪلاس جو شاگرد هوس تڏهن ٻيو هڪ مئٽرڪ ڪلاس جو شاگرد منهنجي ڪوٺيءَ ۾ لنگهي آيو ۽ چيائين تہ مان سبق کي ويهہ پيرا ٿو ڏيان تہ بہ ياد نٿو ڪري سگهان، مون چيس تہ ويهہ! تاريخ مان هڪ ٽڪر ڪڍي ڏنو مانس ۽ چيو مانس تہ هن کي فقط هڪ پيرو پڙهہ تہ پوءِ مان تو کان ان تي سوال پڇندس.

”ان سبق جو تت پنهنجن لفظن ۾ بہ ٻڌائيندين. هن اهو سبق فقط هڪ پيري


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

پڙهيو، پوءِ منهنجي سوالن جا جواب ڏيئي ويو ۽ سچو تت بہ ٻڌائي ويو. ان کان پوءِ هو سمجهي ويو تہ گهٽ پيرن ڏيڻ جو ضرور ئي ڪونهي، فقط غور سان مضمون کي سمجهڻو آهي ۽ سمجهي ذهن ۾ وهارڻو آهي. مئٽرڪ امتحان ۾ باقي فقط 2 مهينا رهيل هئا، هو ڇوڪرو تمام چڱي طرح پاس ٿي ويو.

4- ڪن حالتن ۾ خود ماستر جي تعليم ردي آهي، يا آواز خراب اٿس يا تڪڙو ٿو ڳالهائي يا ڪو ٻيو عيب اٿس. ڪي ڇوڪرا تہ ڪٽي پنهنجي منهن يا ٻين کان سکي ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪم ڪڍي ٿا وٺن، مگر سست ڇوڪرا رهجي ٿا وڃن.

5- ڪن حالتن ۾ وري شاگردن جو بنياد ڪچو آهي. ان حالت ۾ يا تہ ڪين هيٺين درجن ۾ موٽائي موڪلجي، يا انهن کي خاص ماستر مقرر ڪري ڏجي جو خانگي طرح ڪين هيٺين درجن جي ڪمن کان شروع ڪرائي.

6- شاگردن کي لفظ پڙهڻ نہ گهرجن پر مطلب جهٽڻ گهرجي. زبان اصل نہ هلائجي جيڪي پڙهن سو چڱيءَ طرح سمجهن. سمجهڻ بعد ان تي غور ۽ فڪر ڪن ۽ پوءِ پنهنجي راءِ قائم ڪن تہ اهو خيال يا ڳالهہ ڪيتري قدر صحيح يا ڪارائتي ۽ ڪيتري قدر غلط ۽ بيڪار آهي. پوءِ ڪتاب بند ڪري دل ۾ خيال ڪن تہ جيڪي پڙهيو سين سو ڪيتري قدر ياد اٿئون. پوءِ وري ڪتاب ۾ ڏسن تہ ڇا رهجي ويو. پڙهڻ وقت شاگرد هميشہ اهو خيال ڪن تہ سياڻي مون کي هي سڀ ياد ٻڌائڻو آهي، پڇاڙيءَ ۾ فقط هي چوڻ ٿو گهران تہ شاگردن مان اهو خيال بلڪل ڪڍي ڇڏجي تہ مان گهٽ آهيان ۽ ههڙو يا جهڙو ٿي ڪين سگهندس. ڪين پڪ ڏيڻ گهرجي تہ دنيا ۾ جيڪي وڏي ۾ وڏا ماڻهو ٿي گذريا آهن، جن عالمن يا هنرن ۾ ڪماليت ڪئي يا جن وڏا وڏا عهدا ۽ درجا حاصل ڪيا سي بہ اوهان جهڙا انسان هئا. اوهان بہ انهن جهڙا ٿي سگهو ٿا. رڳو هي شرط آهي تہ توهان بہ هنن وانگر نيڪ اخلاق رکو. شاگردن کي دنيا جي زبردست هستين جا احوال ٻڌائڻ گهرجن، ۽ انهن کي چئجي تہ توهان بہ انهن جهڙا ٿيڻ جي ڪوشش ڪندا رهو.

*(اخبار تعليم جولاءِ 1935)*


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# ٽريننگ ڪاليج جي پهرئين سال جي شاگردن جو امتحان
(سنڌي جو سال 1934)

ارمان جي ڳالهه آهي، جو ڪن اميدوارن جي سمجهه، خيال، عبارت ۽ الفاظ اهڙا مس آهن جهڙا چوٿين درجي جي ڪنهن چڱي شاگرد جا. بيهڪ جون نشانيون ته ورلي ڪنهن اميدوار ڪم آنديون آهن. فقرن ٺاهڻ جو رواج به منجهن ڪو نه ٿو ڏسجي. هڪڙي عام غلطي سندن هي آهي جو جيڪي لکن ٿا تنهن کي وري پڙهي نٿا ڏسن ۽ پنهنجيون چوڪون درست نه ٿا ڪن. ڪي چوڪون اهڙيون سليس ۽ ظاهر آهن جو چوٿين درجي جو ڪو چڱو شاگرد به انهن کي جيڪر درست ڪري سگهي. مفصل ريمارڪ هيٺ ڏجن ٿا:-

1 - پهريون سوال هي آهي ته "هيٺيون سٽون ڪٿي ڪم آيل آهن، سو ڏيکاري انهن جو مطلب سمجهايو.

هن سوال جي جواب لکڻ ۾ هڪ عام غلطي هي هئي جو انهن سٽن ۾ ڏکين لفظن ۽ اصطلاحن يا پهاڪن جي سمجهاڻي ڪا نه ڏنل هئي. فقط انهن جملن کي ڪجهه ٻئي نموني ۾ ڪري لکيو ويو. ڪن ته ڏکيا لفظ به ساڳيئي سمجهاڻي ۾ ڪم آندا. مثلن تيچ سمان، ست رچين، ستي لکڙي، بچ ڪشي، ڪمر ڪشي، حقارت وغيره. ٻي عام غلط فهمي هي هئي جو هر هڪ ڀاڱي جي سمجهاڻي لاءِ گهربل احوال ڪان وڌيڪ اجايو احوال به اميدوار لکي پئي ويا. نه ته سبق منجهان فقط اوترو ٿورو مختصر احوال ڏيڻو آهي، جنهن مان ڏنل سٽن جي مطلب سمجهائڻ ۾ آساني ٿئي. مثلن فردوسي به نسبت ڪي اميدوار سڄو سبق لکي ويا. نه ته ضرورت فقط هيتري آهي ته ٻڌائجي ته محمود غزنويءَ فردوسيءَ کي انجام ڏنو هو ته شاهنامي جي هر هڪ مصرع لاءِ هڪ سونو درهم ڪيس ڏنو ويندو. مگر محمود غزنوي جو جيڪو خاص پيارو وزير هو، تنهن جي فردوسي سان دشمني هئي، تنهن فردوسيءَ کي سونن درمن جي بدران چانديءَ جا درهم ڏياريا.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

2 - ٻاڳي جي سمجهاڻي هڪ ٻن اميدوارن هن طرح لکي:- راجا رام موهن راءِ ملڪ جو ڏاڍو خير خواهه هو. هن ڏاڍا خير جا ڪم ڪيا. اسان کي به ائين ڪرڻ گهرجي. هن سمجهاڻي ۾ ستي لکڙي ۽ ٻچه ڪشي بند ڪرڻ جي ته ڳالهه به ڪانهي. ٻين جوابن ۾ به اڪثر اها خامي هئي جو يا ته جواب گهربل احوال کان بلڪل گهٽ يا گهربل احوال کان بلڪل نرالو يا بلڪل وڌيڪ هو.

"مقرب جي معنيٰ ڪنهن هڪ اميدوار کي به نه آئي. اميدوارن ان جهڙا هيٺيان لفظ ٻڌا هوندا، قرب، قرباني، قريب - زمان ماضي قريب - انهن منجهان پوئين لفظ مان خبر هوندن ته قريب معنيٰ آهي ويجهو. مقرب جي معنيٰ به آهي ويجهو ڪيل يعني خاص طرح پيارو جنهن کي هميشه ويجهو وهاريو وڃي. اميدوارن ان جي معنيٰ لکي آهي وزير. مگر هروڀرو ائين ناهي. رواجي نوڪر به مقرب ٿي سگهي ٿو.

3 - ٻئي سوال ۾ "پورهئي جي ورڇ" يا "ٻيلن مان فائدا" تي مضمون لکڻو آهي. مگر ڪن اميدوارن پورهئي جي ورڇ تي مضمون لکيو، تن مان گهڻن جي لکڻ مان ائين معلوم ٿيو ته هنن اهو سبق بلڪل ڪين سمجهيو آهي. گهڻن ته فقط ڪتاب ۾ ڏنل مثال ڪم آندا آهن، پر اهڙن لفظن ۾ ۽ اهڙن ريمارڪن سان جو پڪ ٿي ته اها ڳالهه سندن مغز ۾ بلڪل ڪين ويٺي آهي. هڪڙي اميدوار لکيو ته پورهئي جي ورڇ جي معنيٰ آهي ڍنگ يا تجويز سان ڪم ڪرڻ.

"ٻيلن مان فائدا" ڪن اميدوارن اهو مضمون هيٺين نموني ۾ لکيو جو بلڪل اڻ وڻندڙ آهي:-

1 - ٻيلن مان گاهه ٿئي ٿو.
2 - ٻيلن مان ڪاٺيون ٿين ٿيون جي جاين جوڙائڻ ۽ ٻارڻ لاءِ ڪم اچن ٿيون.
3 - ٻيلن مان لاک ٿئي ٿي.
4 - ٻيلن ۾ ماکي ليپي ٿي.
5 - ٻيلا ڪاربانڪ ائسڊ گئس ڪائن ٿا، تنهن ڪري هوا کي صاف ٿا ڪن وغيره.

4 - ٽئين سوال ۾ ڪن لفظن جي معنيٰ ۽ سمجهاڻي ڏيڻي آهي، ۽ انهن لفظن کي جملن ۾ ڪم آڻي ڏيکارڻو آهي. مگر سيني اميدوارن مان فقط هڪ اميدوار انهن لفظن کي صحيح طور جملن ۾ ڪم آڻي ڏيکاريو. ٻين اميدوارن فقط هن طرح لکيو "اڪبر فياض هو"، "مئجسٽريٽ ڏاڍي بي ريائي ڏيکاري" وغيره. جملي ۾ لفظ اهڙيءَ طرح ڪم آڻجي جو جملي مان ئي سمجهي وڃجي ته ان لفظ جي معنيٰ ڇا آهي. مثلن هڪڙي خان بهادر هڪ مزور کي مار ڏني. مزور مئجسٽريٽ وٽ فرياد ڪيو، مئجسٽريٽ کي ثابتي پوري ملي. هن اهڙي بي ريائي ڏيکاري جو خان بهادر کي سزا ڏيئي ڇڏيائين، ۽ اهو خيال ڪون ڪيائين ته جوابدار وڏو ماڻهو آهي. ٻيو مثال، شير شاهه اهڙو فياض بادشاهه هو جو رعيت جي ڀلي لاءِ رستا ٺهرايائين، واهه کوٽايائين


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

خيراتي اسپتالون کڏيائين وغيره.

بي ريائي جي معنيٰ ڪنهن به اميدوار چڱي طرح نه سمجهائي. "بي ريائيء معنيٰ "پاسخاطري نه ڪرڻ" برابر آهي، پر هن لفظ جي اصل معنيٰ اجا به وسيع آهي. رياءَ جي اصل معنيٰ آهي ڏسڻ يا ڏيکارڻ. ڪي ماڻهو نماز فقط هن لاءِ پڙهندا آهن ته ماڻهو مون کي نماز پڙهندو ڏسي نيڪ سمجهن، هي آهي رياءَ جي نماز يعني ماڻهن کي ڏيکارڻ جي نماز. ساڳي طرح مئجسٽريٽ ڪي به گهرجي ته ثابتي کي ڏسي، نه فريادي يا جوابدار کي ڏسي فيصلو ڪري. يعني ڪيس اها ڳالهه ڏسڻي ناهي ته فريادي يا جوابدار وڏو ماڻهو آهي، يا منهنجو مائٽ يا دوست آهي، يا نمازي آهي وغيره وغيره.

تحمل جي معنيٰ گهڻن اميدوارن صبر لکي آهي، مگر تحمل ۽ صبر ۾ ڪجهه تفاوت آهي. اميدوارن حمال جو لفظ پڌو هوندو. جنهن جي معنيٰ آهي بار کڻندڙ. حمل = هن کنيو. تنهن ڪري تحمل جي معنيٰ آهي بربادي يا بار سهڻ. جيڪڏهن ڪو ماڻهو اسان کي گهٽ وڌ ڳالهائي يا ننڍيون ننڍيون تڪليفون ڏئي ته اسان غم ڪائي وجون ۽ هن سان تڪرار نه ڪيون يا عيوضو نه وٺون ته چئبو ته اسان تحمل يا بردباري اختيار ڪئي.

قناعت جي معنيٰ آهي سادي گذران تي راضي رهڻ ۽ اجايو عيش عشرت نه ڪرڻ. مگر ڪن اميدوارن شايد ڪا ٻي معنيٰ سمجهي آهي جو گهڻو ڪري هي جملو ڪم آندو اٿن ته فلاڻو صوفي قناعت جو صاحب هو.

فياض جي معنيٰ به اميدوارن ”ڪرامت جو صاحب“ يا ”مريدن کي ولي بڻائي ڇڏيندڙ“ سمجهيو آهي. مگر فياض جي معنيٰ آهي فائدو پهچائيندڙ پوءِ ڪير به فائدا پهچائي، ۽ ڪهڙا به فائدا پهچائي.

ڪي اميدوار هيءَ غلطي ٿا ڪن جو معنيٰ ڏيڻ ۾ به ساڳيو لفظ ڪم ٿا آڻين، مثلن فياض معنيٰ فيض ڏيندڙ، ۽ بي ريائي معنيٰ رياءُ نه ڪرڻ، ڪي وري هي به غلطي ٿا ڪن جو اسم ذات جي معنيٰ اسم نافل ۾ يا اسم جي صفت ۾ (وغيره) ٿا ڏين. مثلن بي ريائي جي معنيٰ رياءُ نه ڪندڙ، فياض معنيٰ فائدو پهچائڻ، تحمل معنيٰ صبر وارو وغيره وغيره.

5 - چوٿين سوال جي جواب ۾ ٽي فقرا ڪرڻ گهرجن. هڪ ۾ خود قرباني جي معنيٰ سمجهائجي، ٻئي ۾ پهرين قرباني جو بيان ۽ ٽئين ۾ ٻي قرباني وارو بيان ڪجي. خود قرباني جي معنيٰ ڪنهن ورلي اميدوار کي لکڻ آئي. گهڻو ڪري سيني سمجهيو آهي ته فقط سر قربان ڪرڻ يا حياتي ڏيڻ کي خود قرباني ٿو سڏجي. مگر ائين ناهي، سچي معنيٰ هي آهي ته ٻين جي ڀلائي لاءِ پنهنجو نقصان سهڻ، يا پاڻ کي تڪليف ڏيڻ، يا جان جوکي ۾ وجهڻ يا سر ڏيڻ اها آهي خود قرباني.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

پنجين ڪتاب جي سبق ۾ حاتم جون ٻه قربانيون بيان ڪيل آهن، مگر اميدوارن بنا سمجهائڻ جي اجائي پتاڙ ڪري سڄو سبق ڪٽي لکيو آهي. نه ته لکڻو فقط هيترو آهي ته حاتم پهرين قرباني هي ڪئي جو جڏهن نوفل مٿس ڪاهيو، تڏهن ٻنهي طرفن جي ماڻهن کي خونريزي وغيره کان بچائڻ لاءِ گهر ٻار، راڄ ڀاڳ ۽ سڪ ڦٽي ڪري جهنگ منهن ڪري هليو ويو. يعني دنيا جا سڀ مزا قربان ڪري پاڻ کي تڪليفن جي منهن ۾ ڏنائين. ٻي قرباني هي ڪيائين جو غريب ڪاٺير کي 500 اشرفين ڏيارڻ واسطي پاڻيهي اچي هن کي چيائين ته مون کي هلي نوفل جي حوالي ڪر ته توکي 500 اشرفيون انعام ملن. يعني اگرچه سمجهيائين ٿي ته نوفل مون کي يا قيد ۾ رکندو يا مارائي ڇڏيندو، ته به ڪاٺير جي ڇڱائي لاءِ پنهنجي جان جوکي ۾ وڌائين. مگر اميدوارن هنن ٿورن لفظن لکڻ بدران سڄو سبق ڪٽي لکيو آهي، ۽ اها ڇتائي ڪانه ڪئي اٿن ته ڪهڙيون ٻه قربانيون ڪيائين.

6 - اشتقاق ۽ معنيٰ لکڻ هڪ اميدوار کي به نه آئي آهي. مرگهه ترشنا جي معنيٰ رڄ ٻن اميدوارن لکي. ٻين گهڻو ڪري لکيو "هرڻ جي اڃ" جن رڄ لکيو تن به ڪون سمجهايو ته "رڄ" تي "هرڻ جي اڃ" نالو ڪيئن پيو. اميدوارن کي اها خبر ڪانهي ته جنهن اصلوڪن لفظ يا لفظن مان ڏنل لفظ نڪتو آهي، تنهن يا تن جي معنيٰ ڏيئي پوءِ ڏنل لفظ جي معنيٰ سمجهائجي. محبوب جو اشتقاق لکڻ به ڪنهن کي به ڪو نه آيو. جيئن فعل مان مفعول، وزن مان موزون، عشق مان معشوق تئين حب مان محبوب ٺهيل آهي. مفعول، موزون، معشوق ۽ محبوب اهي سڀئي اسم مفعول آهن، جيئن سنڌي لکيل، ڪيل، پڙهيل، وغيره اسم مفعول آهن. تنهن ڪري محبوق جي معنيٰ آهي سڪ ڪيل يعني جنهن سان سڪ هجي، جو پيارو هجي. حب = هن پيار ڪيو. خوردبيني، فرمانبرداري ۽ جانشين جو اشتقاق ۽ معنيٰ به گهڻن کي ڪا نه آئي.

7 - 6 سوال جي جواب ۾ بيتن جي معنيٰ سمجهائي آهي. اميدوارن کي گهرجي ته پهريائين ڏکين لفظن، اصطلاحن ۽ تشبيهن جي سمجهاڻي ڏين، پوءِ بيت جي لفظي معنيٰ ۽ پوءِ اندروني مطلب ۽ سمجهاڻي. مگر هڪ اميدوار به ائين ڪونه ڪيو. ڪن ته فقط اندروني معنيٰ لکي. مثلن الف بيت به نسبت فقط هيترو لکيائون:-

من مان غير ٻيائي ڪڍي ڇڏ، سدائين سچ تي هل ۽ ڏٺيءَ جي بندگي ويٺو ڪر.

8 - انين سوال جي جوابن مان ڏسجي ٿو ته اميداورن کي پنهنجي سمجهه يا بلڪل ڪانهي يا پنهنجي سمجهه هلائڻ جو ڪڏهن خيال ئي ڪون ڪيو اٿن. جيڪي استادن کان سکيو اٿن يا ڪتاب ۾ پڙهيو اٿن سو ئي لکي ويا آهن، ڪن ته فقط ڳالهه ڪٽي لکي آهي، ايترو به ڪونه لکيو اٿن ته ڇو ڪين اها ڳالهه ٻين کان وڌيڪ ٺي وٺي.

9 - جن لفظن جي ترڪيب ڪرڻي آهي سي سولا آهن، ته به گهڻن اميدوارن کي ترڪيب ڪرڻ ڪانه آئي آهي.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

10 - ڇيد ڪرڻ ته فقط هڪ يا ٻن اميدوارن کي آيو آهي.
11 - تقطيع ڪرڻ اڏ کان وڌيڪ اميدوارن کي آئي آهي.

منهنجي صلاح آهي ته سال جي اندر جيڪي امتحان شاگردن جا وٺجن، تن امتحانن جي سوالن جي پيپرن جا ماڊل جواب لکائي ڇڏجن ته ڪين خبر پوي ته جواب ڪيئن لکجن، ته پوءِ ساليانِي امتحان ۾ پنهنجي علم آهر چڱا جواب لکي ويندا ۽ مارڪون ڪٽي ويندا.

*(اخبار تعليم آگسٽ 1934ع)*


www.sindhsalamat.com
سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

# زناني تعليم، زنا ۽ جوهر عصمت

گهڻا ماڻهو زناني تعليم کان ڇوڪرين کي اسڪول ۾ موڪلڻ کان ٿهن ٿا. سبب هي آهي جو اگرچ قوم گهڻي قدر بگڙي ويئي آهي ته به گهڻا ماڻهو اهڙا به آهن جي خراب نتيجا ڏسي ڇوڪرين کي اسڪولن ۾ موڪلڻ کان ڊڄن ٿا. مان اگرچ جهل جي برخلاف آهيان ۽ جهل کي ڪفر جي برابر ٿو سمجهان ۽ زناني تعليم لاءِ بي انتها جوش ٿو رکان ته به اهڙن ماڻهن جي خيالن سان قدري شامل راءِ آهيان جي ڇوڪرين کي پڙهائڻ کان ڇرڪن ٿا. اڄ ڪلهه اهڙيون حالتون پيدا ڪيون ويو آهن جو جيڪي ڇوڪريون پڙهن ٿيون سي سادگي ۽ ڪم خرچي ڦٽي ڪري اجا قيمتي ڪپڙا ٿيون پائين، اسراف ٿيون سکن، هار سينگار ٿيون ڪن، ۽ ڇوٽ آزاد ٿي ٿيون پون. مان انهيءَ پردي جي فائدي ۾ به نه آهيان جنهن موجب عورتون پنهنجي گهر کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه ڏسن وائسن. پر اهڙي ڇوٽ آزادي جي فائدي ۾ به نه آهيان جو عورتن کي جاڏي وڻي تاڏي اڪيليون هليون وڃن، ڌارين مردن کي هار سينگار ڪري ڏيکارين، ناز نخري سان هلن ۽ حجاب ۽ حياءُ ڦٽي ڪري بيحيا ٿي پون. حياءُ ئي عورت جو سينگار آهي ۽ بيحيائي يعني بي لڄائي زنا جو بنياد آهي ۽ زنا وري تڪرارن ۽ فسادن ۽ بربادين جو بنياد آهي. عورت لاءِ پاڪ دامني بي بها هيرو آهي. اها عورت جا پاڪ دامن آهي تنهن لاءِ مردن کي ايڏي عزت هئڻ گهرجي ۽ انهن تي ايتري قدر جان نثاري ڪرڻ گهرجي جو پاڻ عورتون به ان بي بها هيري کي محفوظ رکڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪن. ڪي عقل جا انڌا چوندا آهن ته ڇوٽ آزادي زنا جو ڪارڻ ڪونه ٿي بڻجي. هنن کان پڇجي ته توهان قبول ڪندو ته توهان جي زال يا ڀيڻ ڪنهن ڌارئي مرد سان ساڳئي ڪمري ۾ سڄي رات گڏ گذاري ۽ ان ڪمري ۾ ٻيو ڪو به انسان ڪونه هجي. انسان سان شيطان هر وقت لاڳو آهي. جيڪڏهن ڪنهن مرد ۽ زال کي هڪ ٻئي سان خلاصي گڏجڻ جا موقعا ملندا ته ممڪن آهي ته هو ڳالهائيندي ٻولهائيندي هڪ ٻئي ڏانهن راغب ٿيندا ۽ آخر زنا ٿيڻ تائين نوبت پهچي ويندي.

مان وري به زور سان چوان ٿو ته مان زناني تعليم جي فائدي ۾ آهيان. مگر تعليم سان گڏ هينيون ڳالهيون هئڻ گهرجن.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

1 - چوڪرين کي حياءُ ۽ حجاب جون عادتون سيکارجن.
2 - چڱين عادتن ۽ نيڪ اخلاقن پيدا ڪرڻ لاءِ خاص اپاءُ وٺجن.
3 - هنن کي پاڪ دامن عورتن جا قصا پڙهائجن ۽ پاڪ دامني سيکاريندڙ شعر سيکارجن.
4 - هنن کي سچي ڌرمي تعليم ڏجي.
5 - اهي ماسترياڻيون موقوف ڪري ڇڏجن جن جا اخلاق چڱا نہ آهن، ڇو تہ بيحيائي سکڻ کان بي علم رهڻ بهتر آهي.
6 - زنانہ ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد ۾ خاص طرح ايتري نظرداري هئڻ گهرجي ۽ ايتري قدر اتي نيڪ اخلاقن جو ٻج پوکڻ گهرجي جو شريف ۾ شريف ماڻهو بہ فخر سان بي ڌڙڪ پنهنجون جوان نياڻيون ٽريننگ ڪاليج ۾ موڪلي سگهن ۽ پڙهي نڪتل عورتون پوءِ وڃي پنهنجي اسڪولن ۾ پاڪدامني جو ٻج ڇٽين.

*(اخبار تعليم -جنوري 1934)*


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# ٻاراڻن ڪلاسن بابت ڏنل هدايتن جو انتخاب

ٻاراڻو درجو جنهن ڪي سڄي تعليم يعني سنڌي ستن ئي درجن جو بنياد چئجي ٿو، سو گويا پاڙ ۽ مٿيان درجا انجي عمارت آهن. تنهن ڪري ان جي خاطر خواه پڙهائي بلڪل ضروري آهي. جيڪڏهن عمارت جي پاڙ چڱي طرح پڪي ٻڌل نه هوندي يا ڪچي هوندي ته اُها عمارت گهڻو وقت جٽاءُ نه ڪندي ۽ شايد ڪنهن وقت ڍهي پوندي. جڏهن ڪو شاگرد چار يا پنج درجا پڙهي اسڪول مان نڪري وڃي پنهنجي ڪاشتگاريءَ جو ڪم ڪندو آهي، تڏهن ٻن چئن سالن ڪان پوءِ هو پنهنجا پڙهيل ڪم وساري ڇڏيندو آهي ۽ سندس اسڪول ۾ صرف ڪيل حياتي بيڪار ٿي پوندي آهي، ايتري قدر جو خط پٽ لکڻ پڙهڻ سو ته ٺهيو پر صورتخطيءَ جا لفظ جي عام طرح ڳالهائڻ ۾ پيا اچن سي به لکڻ وسري ويندا اٿس. ويچار ڪريو ته ان جو سبب ڪهڙو هوندو؟ ان جو اهو ئي سبب آهي جو سندس بنياد ٻڌل نه هو. انهن دردناڪ خامين ڪي دور ڪرڻ ۽ خلق جي بهبوديءَ ۽ ترقي لاءِ مسٽر علي خان ڊيپوٽي ايڊيو ڪيشنل انسپيڪٽر صاحب ملا اسڪولس لاڙڪاڻي جن جيڪا همت افزائي ڪئي آهي سا پڙهڻ جوڳي آهي ۽ ضرور پڙهڻ گهرجي. يعني جنهن وقت ڪان وٺي هيءُ صاحب تعليم ڪاتي آيو آهي تنهن وقت ڪان وٺي ترقي تعليم جي باري ۾ ڪيترين ئي ڪانفرنسون ڪرڻ فرمايون اٿس، تڏهن به ڏسجي ٿو اهو پڙهائيءَ جو ڍنگ ڪن ٿورن ماسٽر صاحبن ۽ هيڊ معلم صاحبن ۾ آهي نه ته گهڻن ڪي مشڪل ٿو لڳي، تنهن ڪري مان وري به سيني هيڊ معلم صاحبن ۽ ماسٽر صاحبن ڪي واقف ٿو ڪريان.

شروعات ۾ جيڪي به شاگرد ٻاراڻي ڪلاس ۾ تيار ڪرٽا هجن، تن ڪي الف ب هيٺئين نموني سيکارڻ گهرجي:-

سيني شاگردن ڪي سليٽون، قلم ڪٽائي بورڊ جي سامهون بيهار جي ۽ بورڊ تي هڪ ليڪ سڌي چاڪ سان ڪڍجي ان ليڪ تي پهريائين قاعدي موجب الف ڪڍجي ۽ پوءِ شاگردن ڪي چئجي ته جيئن مون لکيو آهي تئين اوهين به سليٽ تي لکو، پوءِ هو اهڙيءَ طرح سليٽ تي معلم جي هدايت موجب اهو اکر لکن پوءِ ٻارن ڪي ٻڌائڻ


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

گهرجي ته اهو جو مون بورڊ تي اکر لکيو آهي ۽ اوهان کان به لکايو اٿم ان جو نالو آهي الف. ۽ سيني کان اهو نالو چورائجي اهڙيءَ طرح وري بورڊ تي به لکجي ۽ پڻ ساڳيءَ ريت شاگردن کان به لکائجي ۽ ان اکر جو نالو ٻڌائي شاگردن کي به سڃاڻائجي. انهيءَ ترتيب سان بورڊ جي وسيلي سڄي الف ب سيکارجي، جنهن ڪري شاگرد لکڻ ۽ پڙهڻ گڏ سکندا رهندا ۽ الف ب به سڃاڻي سگهندا. وڌيڪ تسليٰ ۽ پڪائي لاءِ هڪ تختي الف ب جي ناهجي جنهن ۾ وچواري اکر لکيل هجن، جيئن ته ج، س، ڙ، ڪ، ي، پ، ڏ، ا، ط، وغيره وغيره پوءِ ان تختيءَ تان ٻارن کان سوال پڇجن ته فلاڻو اکر ڏيکاريو، ائين ڪرڻ سان ٻارن کي جهٽ پٽ اکر پڪا ٿي ويندا. تنهن کان پوءِ ٻارن کي اُچارن يا آوازن جو استعمال ڪرائجي پر آوازن جو استعمال اهڙو هجي جو شاگرد سيڪنهن اکر جا آواز ڪڍي سگهن ۽ ڏنل آوازن مان اکر سڃو ڪري سگهن. پوءِ ڪٽي لفظ ۾ پنج يا ڇهه آواز هجن. اُچارن سيکارڻ ۾ جيڪو به وقت لڳي سو ڀل لڳي پر ڪڪ هرگز نه ٿيڻ گهرجي. تنهن کان پوءِ اَ اِ اُ آ. جي فرحي شروع ڪرائجي پر هجي پاڙهڻ نه گهرجي سمورو ڪم اُچارن تي منحصر هئڻ گهرجي ۽ ڏنل زبر - زير - پيش - ۽ مد جا نالا شاگردن کي سڃاڻائجن. جڏهن ٻَ ٻِ ٻُ يا تائين پڙهائي رهجي، تڏهن انهن اکرن اندر نهيل لفظ سيکارجن. جيڪڏهن شاگردن کي اُچار اڳيئي سيکاريل آهن ته پوءِ بنا تڪليف جي اکر بلڪ لفظ به سڃاڻي سگهندا، جئن ته الف کي زبر ڏيئي ٻارن کان پڇبو ته هيءُ اکر ڇا لکيو اٿم؟ چوندا ته اَ، پوءِ وري ب کي پويان الف ڏيئي پڇبو ته چوندا ته اهو آهي با، پوءِ جنهن صورت ۾ اُچار سکيل هوندا تنهن صورت ۾ ٻئي اکر ٻه ٽي دفعا گڏي چوڻ ڪانپوءِ چوندا ته اهو آهي ”ابا“ اهڙيءَ طرح آب - بابا - اُپ - باب، وغيره پاڻيهي سڃاڻي سگهندا. تنهن کان پوءِ سڄي فرحي اهڙن مثالن ۽ لفظن سڃاڻڻ سان پڙهائي، پوءِ اوُ - اي جي فرحي پڻ آوازن جي رستي پڙهائڻ گهرجي ۽ ان جو استعمال به متي ڏيکاريل اَ اِ اُ آ واريءَ فرحيءَ جهڙو هئڻ گهرجي ۽ پاڙهڻ وقت ان مان نهيل لفظن جو استعمال ڪرڻ گهرجي جيئن ته اَبو - اَٽو - بوٽ - بي بي - وغيره وغيره.

پوءِ ٻنهي قسم جي پڙهيل فرحين مان نهيل لفظن جو خوب استعمال ڪرائي ڪتاب شروع ڪجي.

منهنجي آزمائش آهي ته اهڙي سٺي استعمال کان پوءِ شاگرد ڪتاب جا سبق پاڻيهي پڙهي ويندا آهن ۽ ڪهڙو به اڻ پڙهيل اکر اُچارن جي رستي لکي ويندا آهن تنهن کان پوءِ انگ هيٺينءَ ريت سيکارڻ گهرجن:-

جن شاگردن کي انگ سيکارڻا هجن تن کي قطار ڪري بورڊ جي سامهون ٻهارجي ۽ انگن سيکارڻ وقت تيليون موجود هجن ۽ پڻ سليٽ قلم شاگردن کي هٿ ۾ هجي، پوءِ هڪ تيلي ڪڍي ٻارن کان پڇڻ گهرجي ته هي گهٽيون تيليون آهن؟


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

چوندا تہ هڪ. پوءِ بورڊ تي هڪ جو انگ ٻارن کي لکي ڏيکارجي ۽ ٻڌائجين تہ هڪ هيئن لکبو آهي ۽ اوهين بہ سليٽ تي لکو. وري ٻي تيلي بہ شامل ڪري پڇڻ گهرجي تہ هيءَ گهڻيون تيليون آهن؟ چوندا تہ ٻہ. وري ٻن جو انگ بورڊ تي لکجي ۽ ٻارن کان بہ لکائجي. ٻارن کي ٻڌائجي تہ هر هڪ تيليءَ جو نالو آهي ايڪو. تنهنڪري هڪ تيليءَ کي هڪ ايڪو ٻن کي 2 ايڪا ۽ 3 کي ٽي ايڪا چئبو آهي.

اهڙيءَ ريت پنجن ڇهن انگن سيکارڻ وقت ان سان جوڙ ڪٽ بہ سيکارڻ شامل ڪجي يعني ڇهہ تيليون ڪڍي ٻارن کان پڇڻ گهرجي تہ هيءُ گهڻيون تيليون آهن؟ چوندا تہ ڇهہ آهن. پوءِ انهن مان ٻہ تيليون ڪڍي پڇڻ گهرجي تہ هاڻي گهڻيون تيليون ٿيون؟ اهڙي ريت ٽي تيليون ڪڍي يا ٻہ تيليون وجهي مٽ سٽ ڪري سيکاريل ڇهن اندر جوڙ ڪٽ جو نمونو استعمال ڪرائجي. جڏهن 9 تائين سيکاري رهجي ۽ 10 جو انگ سيکارجي تڏهن 10 تيليون گڏي ٻڌجن. پوءِ شاگردن کان پڇجي تہ هن ۾ گهڻا ايڪا آهن؟ ٻار ٻڌائيندا تہ 10 ايڪا آهن. اتي ٻڌائڻ گهرجي تہ 10 ايڪن کي گڏي ڏهاڪو چئبو آهي. ڏسو ڏهاڪو ڪهڙو ٿلهو آهي. باقي ايڪو ڇڙيل ان سان شامل ڪو نہ آهي. تنهنڪري ايڪي جي بدران ٻڙي ڏيئي ڏهاڪو ٿلهو ٿا لکون جهڙو ٿهيل آهي. | پوءِ وري ٻي تيلي شامل ڪري پڇجي تہ هاڻي گهڻا ايڪا ۽ گهڻا ڏهاڪا ٿيا؟ ٻار چوندا تہ هڪ ايڪو آهي ۽ هڪ ڏهاڪو آهي (ايڪن ۽ ڏهاڪن جي سڃاڻپ جي نشاني سنهائي ۽ ٿلهائي ڪجي) پوءِ معلم ٻڌائي تہ هڪ ايڪو ۽ هڪ ڏهاڪو سو ٿيا يارهن. اهو لکجي. | | يعني ايڪو سنهو آهي ۽ ڏهاڪو ٿلهو آهي. چاڪاڻ تہ ان ۾ اهڙا 10 ايڪا پيل آهن. ساڳيءَ ريت وري 2 تيليون ڪڍي ان سان ڏهاڪو شامل ڪري ٻارن کان پڇجي. ٻار چوندا تہ اهو آهي 2 ايڪا ۽ هڪ ڏهاڪو. جيڪڏهن ٺهيل انگ جي شاگردن کي خبر نہ پوي تہ معلم انهن کي ٻڌائي تہ اهو ٿيو ٻارهن سو لکيو وڃي 2| اهڙيءَ طرح 3|، 4|، 5|، 6|، وغيره سيکارڻ گهرجن. جڏهن 20 تائين اهڙي طرح سمجهائي رهبو تڏهن اڳتي 100 تائين پاڻيهي شاگرد لکي سگهندا يا بلڪل ٿوريءَ سمجهاڻيءَ سان سمجهي ويندا.

*(ملا مخزن مارچ 1935ع)*


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# ملا اسڪولن جي سچائيءَ ڪم

ارمان جي ڳالهه آهي، جو اجا سوڌو اها شڪايت هلي اچي ته ڪي معلم اهڙا شاگرد رجسٽر ۾ داخل ڪن ٿا ۽ سال به سال امتحان ڏيارن ٿا، جي سچ پچ نه پڙهندڙ آهن، پر اڳي ساڳئي ملا اسڪول ۾ يا ڪنهن ٻئي ملا اسڪول ۾ يا لوڪلبورڊ اسڪول ۾ پڙهيا آهن. اسان سمجهون ٿا ته اها شڪايت غير واجبي آهي. اڄ ڪلهه اهڙو ڪو ورلي هوندو، جو ڪوڙ يا ٺڳي ڪندو هوندو. پر جيڪڏهن ڪو آهي ته سيني معلمن ڪي غيرت اچڻ گهرجي، ڇو ته اهڙا ڪوڙا معلم سڄي معلم فرقي لاءِ بدنما داغ آهن ۽ سندن عزت ۽ ناموس ڪي ٽڪو ٿا لائين. سچ پچ معلم فرقو ئي اهڙو آهي، جو قوم جو رهبر ۽ مرشد آهي. قوم ۽ ملڪ جي ترقيءَ جو سڄو مدار معلم فرقي تي آهي نه پيرن يا فقيرن يا سست مولوين يا انگريزي دان ليڊرن تي. معلم فرقي جي عزت سيني فرقن کان زياده هئڻ گهرجي. ان لاءِ ضروري آهي ته پبلڪ انهن جي هر طرح مدد ڪري ۽ عزت ڏئي ۽ معلم پاڻ به پنهنجو فرض چڱي طرح ادا ڪن ۽ پنهنجي عزت رکڻ سکن. ڪوڙ ڪرڻ ۽ ڪوڙن ڇوڪرن وهارڻ مان فائدو ڪهڙو؟ روزي ۽ رزق جو مدار رزاق تي آهي يا ڪوڙ تي؟ ڪوڙَ جي ڪري رزاق پاڻ رنج ٿي روزي تنگ ڪندو يا ڪشادي ڪندو؟ ڪوڙ جي ڪري پار تي ڪهڙو اثر پوندو؟ اُهي به ڪوڙا تي دوزخ جا ٽنب ٻڌبا! يا جنت جا ڏيا؟ پوءِ جيڪڏهن اخلاق ويا، اسلام ۽ ايمان ويو ته باقي ڪوڙي تعليم ڪهڙي ڪم جي ٿيندي؟

اي پيارا معلمو! سجاڳ ٿيو، فقط الله تعاليٰ جا حڪم مڃو. اسلام ۽ رسول مقبول ﷺ جي عزت رکو، پنهنجي شريف ڏنڌي جو نشان سچاٽو ۽ جيڪڏهن ڪو معلم پنهنجا فرض چڱيءَ طرح بجاءَ نٿو آڻي ته ان ڪي شرمايو ۽ محنت ڪرڻ تي آماده ڪيو. سچ پچ جيڪو معلم ڪوڙ ڪندو، سو محنت هرگز نه ڪندو، رڳو ڪوڙ تي ياڙي وهندو، پوءِ هن جو اسڪول ترقي ڪان ڪندو. ڪوڙ پڌرو ٿيو پوي ۽ اسڪول برباد ٿي ٿو وڃي، مگر سچي اسڪول ڪي اگرچ پهريائين گرانٽ ڪمائيندو. اها سچي ڳالهه آهي ته گرانٽ جا نرخ بهتر هئڻ گهرجن، پر جيڪڏهن بهتر ناهن ته ڪوڙ ڪرڻ جائز آهي ڇا؟ جيڪڏهن معلم سچ پچ پنهنجا اسڪول جفا ڪشي ڪري



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

سڌارين، قوم ۽ سرڪار تي پنهنجي محنت ۽ سچائي جو اثر وهارين ته پوءِ ازخود گرانٽ جا نرخ سڌاريا ويندا. ارمان جي ڳالهه آهي ته ڪي ڪي مولوي صاحب به ماٽ ميٽ ۾ لوڪلبورڊ اسڪول جا پڙهيل شاگرد داخل ڪري ماسترن جي محنت جو ڦل پاڻ ڪائين ٿا. جيڪڏهن ڪين چئجي ٿو ته هي ته جائز ۽ حلال ناهي ته پنهنجي ضمير کي هن طرح پرچائين ٿا ته اسين عربي ۽ پارسي ٿا سيکاريون ۽ اسلام ٿا سيکاريون، ان لاءِ اسان کي ڪجهه به نٿو ملي، پوءِ جيڪڏهن اڻ سڌيءَ طرح ڪجهه پيسا حاصل ڪياسين ته ڇا ٿي پيو. افسوس! الله تعاليٰ وٽ اهڙا دليل هلندا ئي ڪين. معلمن کي گهرجي ته جيڪڏهن ڪو شاگرد اڳئي پڙهيل وٽن اچي ته اڳئين معلم يا ماستر کان ليونگ سرٽيفڪيٽ وٺڻ گهرجي ۽ جيڪو درجو اڳي پاس ڪيل هجيس، تنهن کان مٿيون درجو پاڙهي پنهنجي ڪيل محنت جي گرانٽ وٺن. باقي رهيو اهو سوال ته سرڪار قرآن شريف ۽ عربي فارسيءَ لاءِ گرانٽ ڇو نه ٿي ڏئي، سو سوال نازڪ آهي. ان جي بحث لکڻ ۾ هڪ ننڍڙو ڪتاب ٺهي پوندو، پر جيڪڏهن معلم سچ پچ قرآن شريف ۽ عربي فارسي چڱي طرح سيکارين ته پوءِ شاگردن کي سنڌي پڙهڻ ۽ لکڻ ۾ بلڪل تڪليف ڪان ٿيندي، گويا سنڌيءَ لاءِ ڪا جدا گهٽي محنت گهرجي ئي ڪانه ٿي.

وري به معلم صاحبن کي اپيل ٿو ڪريان ته ڪوشش ۽ محنت ڪريو ۽ پاڻ تان ڪوڙائي جو بد نما داغ لاهي ڇڏيو. جنهن لاءِ توها کي هڪ سولي تجويز ٿو ڏسيان. هر هڪ شاگرد جنهن جنهن ڏينهن حاضر رهي، تنهن ڏينهن پٽيءَ تي ڪم از ڪم چار لفظ ۽ ڪاپيءَ تي به ڪم از ڪم اٺ لفظ لکي تاريخ وجهي ڇڏي. پٽيون ۽ ڪاپيون رات ڏينهن اسڪول جي جاءِ ۾ هئڻ گهرجن ته هر ڪو وزيٽرس ڪاپيون ۽ پٽيون ڏسي مڪتب جي سچائي جي پڪ ڪري. در حقيقت وڏي تعليم آهي ئي اکرن جو لکڻ. قديم زماني کان پهاڪو مشهور آهي ته اکر اڌ علم آهن. اسان جي مڪتبن ۽ مدرسن جي متعلمن جا اکر موتين جي مثال هوندا هئا. هاءِ افسوس! اڄ اسان جي اها مورثي خاصيت به گم ٿي ويئي. سچ پڇو ته لکڻ کان سواءِ پڙهڻ به محال آهي. تنهنڪري الف پڙهايو ته الف لکايو، ابا پڙهايو ته ابا لکايو. رب، رسول، پت، پٽ، پکي ۽ ڀاڄي پڙهايو ته لکايو به. مطلب ته جيڪو سبق پڙهايو، سو بر وقت لکايو ۽ جڏهن شاگرد لکڻ ۾ ڪا به چڪ نه ڪري، تڏهن ٻيو سبق شروع ڪرايو. ائين ڪرڻ سان ڪم آسان ٿي پوندو محنت گهٽ ڪرڻي پوندي، نتيجو بهتر نڪرندو ۽ تعليم جي ترقي ٿيندي. ڪي معلم محنت به ڪن ٿا، پر پاڙهڻ نٿو اچين، تنهنڪري گهٽي محنت اجائي ٿي وڃين. ڪين گهرجي ته جمعي جمعي ڏينهن چڱن ماسترن جي تعليم ڏسن.

معلم صاحبو! سچائي جو ٻيو ثبوت آهي ٻاراڻا ڪلاس. جيڪڏهن ٻاراڻي ڪلاس ۾ ننڍا ٻار آهن ۽ انهن مان چڱو تعداد پاس ٿو ٿئي ۽ اکر چڱا ۽ صحيح لکي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

تا وڃن، خصوصن ڇوڪرين جي تعليم چڱي آهي ته پوءِ ممتحن خواه وزيٽر ڪي يقين ٿيندو ته مڪتب سچو آهي، تنهنڪري سڄي طاقت پهراڻي ڪلاس تي صرف ڪيو. پهراڻو ڪلاس سڄي اسڪول جو بنياد آهي. پهراڻي ڪلاس مون چڱو تعداد چڱي طرح پاس ٿيو ته مٿين درجن ۾ ازخود شاگرد گهٽا ٿيندا ۽ چڱي طرح پاس ٿيندا ۽ گهٽي گرانٽ ملندي.

وڏو افسوس هي آهي ته زناني تعليم تي پورو توجه ڪونهي ۽ ڪي ماڻهو جاهلائي ڪان ڇوڪرين جي پڙهائڻ ڪان عار تا ڪن. در حقيقت جيستائين زالون جاهل رهنديون، تيستائين اسان تنزل ۽ پستيءَ ۾ رهنداسين. رسول مقبول ﷺ جو قول مبارڪ آهي ته علم جي طلب سيڪنهن مسلمان مرد توڙي عورت تي فرض آهي. اسلام جي اوائلي زماني ۾ ته زالن ۾ بلڪل گهڻو علم هوندو هو، پر آخري زماني ۾ به خود مغل بادشاهن جون زالون اعليٰ تعليم يافته هونديون هيون ۽ حضرت اورنگزيب عالمگير رحمة الله عليه جو سخت ديندار ۽ متشرع بادشاه هوندو هو، تنهنجي مشهور نياڻي زيب النساءَ ديني خواه دنيوي علم ۾ ماهر هئي، شعر گوئي ڪندي هئي ۽ دور دراز ملڪن جي عالمن ۽ شاعرن سان بحث مباحثا ڪندي هئي، تنهنڪري معلم صاحبو! ڇوڪريون پاڙهيو ۽ چڱي طرح پاڙهيو، ڀيٽي گرانٽ ڪمايو، قوم ڪي ترقي وٺايو، پنهنجي عزت وڌايو ۽ اسلام جو بول بالا ڪيو. الله تعاليٰ شال توهان ڪي توفيق ڏئي ۽ اسلام ۽ مسلمانن جي ترقي ٿئي! آمين!

*(ملا مخزن اپريل 1931ع)*


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# ملا اسڪولن جو دفتر

ملا اسڪولن لاءِ شاگردن جي حاضريءَ جي مڪيہ ڪاميابي ئي رجسٽر آهي، بلڪ اهو ئي دفتر آهي. انهيءَ لاءِ تہ ان مان اسڪول بابت گهٽي ۾ گهٽو احوال معلوم ڪري سگهجي ٿو، ضروري آهي تہ اُن ۾ هيٺيان احوال درج ڪجن:

1. جيڪڏهن سرڪاري سامان مليل هجي تہ پهريائين صفحي تي ان جي لسٽ لکي ڇڏجي، بلڪ بہ يا ٽي صفحا اُن لاءِ ڇڏي ڏجن. هر هڪ شيءِ ۾ انجو عدد هڪ ٻئي ڪان پري لکجن.

مثلن- سڄي صفحي تي فقط 8 شيون لکجن - انهن پرسان ساڄيءَ سٽ ۾ لکجي، تہ اُها شيءِ ڪڏهن ملي. جڏهن ڪا شيءِ لسٽ تان لهي تہ لکي ڇڏجي تہ بالا آفيس جي ڪهڙي حڪم نمبر مورخہ موجب لسٽ تان لاٿي ويئي. فارم جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:-

| شيءِ جو نالو | عدد | ملڻ جي تاريخ | لسٽ تان لهڻ جي تاريخ ۽ نمبر |
|---|---|---|---|
| 1 | 2 | 3 | 4 |

2. شاگردن جي نالن ڪان اڳ ۾ ساڄئي صفحي تي معلمن جا نالا هئڻ گهرجن ۽ اُهي معلم روزمرھ باقاعدي پنهنجي حاضري صحيحن سميت پريندا رهن. شاگردن جي حاضري پرڻ مهل هر روز نالا پڪارجن ۽ حاضر شاگرد ”حاضر سائين چوندا وجن.“

3. ڪوڙي حاضري ڪڏهن نہ پرجي يعني غير حاضر شاگرد هرگز نہ لکجي، نڪي اهڙو شاگرد داخل ڪجي جو نہ پڙهندو آهي يا اسڪول ڇڏي ويو آهي.

4. پهريائين چوڪرن جا نالا درجيوار لکي وجن پوءِ ڇوڪرين جا.

5. ڪلاس ڪلاس جي ٻارن جو نمبر هئڻ گهرجي. اِن لاءِ تہ خبر پوي تہ هر ڪلاس ۾ ڪيترا ڇوڪرا ۽ ڪيتريون ڇوڪريون آهن. انهن نمبرن جي سڄي پاسي وري جريان نمبر ڇوڪرن لاءِ يڪو ۽ ڇوڪرين لاءِ ڌار لکي ڇڏجي. جريان نمبر جي پوين انگن مان خبر پوندي تہ ڪل ڪيترا ڇوڪرا ۽ ڪل ڪيتريون ڇوڪريون داخل آهن.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

6. هر هڪ شاگرد جي نالي پٺيان ڪهڙي پاسي ڪان سندس عمر لکي ڇڏجي. سمجهيو ته ڪنهن شاگرد جي عمر داخلا ٿيڻ وقت پنج ورهيه ۽ چار مهينا آهن ته هيئن لکجي. 4 - 5 ائين هميشه لکندو رهجي. عمريون لکڻ تمام ضروري آهن:
7. هر روز حاضري پرڻ بعد ڏسجي ته ڪيترا ڇوڪر ۽ ڪيتريون ڇوڪريون اُن ڏينهن حاضر ٿيون پوءِ اُن ڏينهن تاريخ واري خاني ۾ پوئين ڇوڪر جي حاضريءَ جي هيٺان حاضر ڇوڪرن جي عدد ۽ پوئين ڇوڪريءَ جي حاضري جي هيٺان حاضر ڇوڪرين جو عدد ۽ پوءِ جملي حاضر ٻارن جو عدد لکي ڇڏجي. مهيني جي آخر ۾ سيني تاريخن ۾ جمله حاضر ٻارن جو عدد جوڙ ڪجي. پوءِ ڏسجي ته اُن مهيني ۾ ڪيترا ڏينهن اسڪول کليل رهيو پوءِ اُنهن ڏينهن جي عدد سان جمله حاضريءَ کي ونڊ ڪجي ته سراسري حاضري نڪري ايندي. سمجهو ته ڪنهن اسڪول ۾ داخل 30 ڇوڪرا ۽ 10 ڇوڪريون آهن روزاني حاضري 25 ۽ 8 = 33 يا 24 ۽ 7 = 31 يا 28 ۽ 9 = 37 وغيره وغيره آهي ۽ اُنهن انگن جو جوڙ 600 + 168 = 768 آهي ۽ ان مهيني ۾ اسڪول 24 ڏينهن کليل رهيو آهي ته 600 ۽ 168 کي 24 سان ونڊ ڪجي پوءِ سراسري حاضري نڪرندي 25 ڇوڪرن جي ۽ 7 ڇوڪرين جي ۽ جمله سراسري ٿيندي 32.
8. جڏهن ڪو به نئون شاگرد داخل ٿئي تڏهن جنهن ليڪ تي ان جو نالو داخل ڪجي تنهن ليڪ جي پڇاڙيءَ ۾ يعني ڪهڙي صفحي جي پڇڙيءَ تي سندس بدن جو ڪو اهڙو نمايان نشان لکي ڇڏجي جو ڪنهن به ٻئي شاگرد ۾ نه لڀي. ان مان هي فائدو ٿيندو جو ممتحن جيڪڏهن ڪنهن شاگرد بابت شڪ آڻيندو ته سچي شاگرد بدران ٻيو ورهايو ويو آهي ته هڪدم داخل ٿيڻ واري مهيني ۾ بدني خصوصيت وارو بيان پڙهي پڪ ڪندو ته اهو شڪ اجايو آهي نشان هن طرح بيان ڪجي ته - ڪهڙي اک ٿورو سسيل - سڄي ڀيءَ هيٺان ڪارو تر يا موهيڙو - ڪهڙي پنيءَ تي پٺين پاسي اڇو چٽي وانگر داغ رپئي جيڏو - سڄي پنيءَ تي اڳئين پاسي ڦٽ جو نشان وغيره وغيره - هر هڪ شاگرد لاءِ هڪ نشان يا ٻه نشان بلڪل ڪافي آهن.
9. هي ڳالهه به تمام ضروري آهي ته حاضريءَ جا ڪتاب جي اڳي پرجي ويا آهن سي بلڪل محفوظ رکجن جيئن ڪو به وڃائجي نه وڃي يا خراب نه ٿئي.
10. ملا مخزنون بلڪل محفوظ رکجن ۽ ٻارهين ٻارهين مهيني گذريل سال جي ٻارهن ئي ڪاپين کي گڏي سڀي هڪ جلد ٺاهي ڇڏجي.

*(ملا مخزن سيپٽمبر 1934ع)*


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# ملا اسڪولن ڪي نائب ڏيڻ

1. نائب انهي اسڪول کي ڏياري ٿو سگهجي، جنهن ۾ ٻن ماسترن جو ڪم آهي. ان لاءِ هي نهراءُ آهي ته ڪلاسن جي عدد کي 4 سان ضرب ڪجي، جيڪو جواب اچي، تنهن ۾ سراسري حاضري جوڙ ڪجي، جيڪو جواب اچي تنهنکي 30 سان ونڊ ڪجي، جيڪڏهن 2 جواب اچي يا وڌيڪ ته هڪڙو نائب ڏيئي ٿو سگهجي. مثلن هڪڙي اسڪول ۾ پاراٽي ڪلاس سميت ڪل 6 ڇهه ڪلاس آهن ۽ داخل شاگرد 45 سراسري حاضري 36 آهي ته 6 ڇهن کي 4 چئن سان ضرب ڪجي ته جواب ايندو 24، جنهن ۾ سراسريءَ وارا 36 جوڙ ڪبا ته جواب ايندو 60، جنهن کي 30 سان ونڊ ڪبي ته جواب ايندو 2 هن حالت ۾ نائب ڏيئي سگهبو.

2. مگر هي ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته ائين ناهي ته جنهن به اسڪول ۾ ٻارِ ايترا گهٽا آهن جو نائب ڏيئي ٿو سگهجي تنهن کي نائب وٺڻ جو حق آهي ۽ سرڪار اُن کي نائب ڏيڻ لاءِ ٻڌل آهي. نه نه سرڪار پاڻ کي ٻڌل اصل نه رکندي آهي جو ته سرڪار جو خزانو غيرِ محدود يعني اڻ کٽ ناهي. سرڪار فقط ساليانو رقم منظور ڪندي آهي، پوءِ اُن رقم اندر خرچ ڪبو آهي. سنڌ جي اٺن ئي ضلعن اندر ايتري رقم منظور ٿيل آهي، جنهن مان اٽڪل 144 نائب رکي سگهجن ٿا يعني هر هڪ ڊويزن ۾ 48 نائب. گهٽائي اهڙا اسڪول آهن جن ۾ 50 کان به وڌيڪ ٻار آهن، ته به انهن کي نائب ڏيئي نٿو سگهجي ڇو ته منظور ٿيل رقم بلڪل ٿوري آهي. ٻيٽي ٽيٽي رقم منظور ٿيل هجي تڏهن به مس اُنهن اسڪولن کي نائب ڏيئي سگهجن جن کي گهٽي گهرج آهي.

3. ڪنهن به معلم کي ڪيترا به ٻار هجن، ڪٽي 100 ٻار هجنس ته به هن کي هرويرو نائب ملڻ تي حق ڪونهي. نائب ڏيڻ سرڪار جي خاص مهرباني آهي. جنهن معلم کي نائب ملي ٿو تنهن لاءِ هڪ وڏي ۾ وڏي ڀلائي آهي جو ته نائب جي گرانٽ به ڪيس ملي ٿي، اگرچ اُن تي هن جو ڪو به حق ناهي. جنهن کي سرڪار پگهار تي نائب مليل آهي تنهن کي گهٽي ۾ گهٽو ته به ڪمايل گرانٽ جو 2/ 3 حصو مس ملڻ گهرجي، پر سرڪار مهرباني ڪري سڄي گرانٽ معلم کي ڏياري ٿي، تنهن ڪري


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڳي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

ياد رکڻ گهرجي ته ڪو به معلم هروڀرو نائب وٺڻ لاءِ حقدار ناهي نڪي ڪنهن به معلم کي شڪايت ڪرڻ جو ڪو حق آهي. جيڪڏهن ڪانئس نائب ڪسي ڪنهن ٻئي مڪتب کي ڏيارجي.

جنهن صورت ۾ سرڪار سيني معلمن کي نائب ڏياري نٿي سگهي، تنهن صورت ۾ جن معلمن کي گهڻا ٻار آهن تن کي نيڪ صلاح ٿي ڏجي ته پنهنجي پگهار سان پنهنجو نائب رکن يا گرانٽ جي اڌ يا 3/2 حصي ڏيڻ جي انجام تي مددگار رکن، اُن ۾ هنن لاءِ نقصان بلڪل ڪونهي، پر اُٽلندو فائدو آهي. ڏسجي ٿو ته ڪي معلم ائين هن ڪري نٿا ڪن جو سمجهن ٿا ته جيڪڏهن پنهنجي پگهار تي رکنداسين ته پوءِ سرڪاري نائب اصل نه ملندو، ائين هرگز ناهي. نائب ڏيارڻو هوندو ته اول ويچارئي اُنهي جو ڪبو جنهن همت ڪري پنهنجي پگهار تي نائب رکيو هوندو. ڪي معلم وري هن ڪري پنهنجو نائب نٿا رکن جو ڪين پگهار ڏيڻ لاءِ پيسو ڪونهي. اُنهن کي گهرجي ته گرانٽ جي اڌ يا 3/2 حصي تي نائب رکن. ڪي سمجهن ٿا ته پگهار يا گرانٽ ڏيڻ ڪري فائدو نه پوندو مگر ائين هرگز نه آهي. اُهي ڏينهن ويا جڏهن ڪچن شاگردن کي به پاس ڪري چڱي گرانٽ ڏياربي هئي. هاڻي فقط پڪن شاگردن کي پاس ڪري انهن جي پڪائي جي قدرتي گرانٽ ٿي ڏيارجي. ان حالت ۾ فائدو ئي تڏهن ٿيندو جڏهن نائب رکي سنو ڪم ڪري ڏيکاربو. خصوصن لوڪل بورڊ اسڪولن جهڙو ڪم ڏيکاربو ته تمام چڱي گرانٽ ڏيارڻ ۾ ايندي.

4. جن معلمن کي نائب ڏيارجي ٿو تنکي هيٺين ڳالهين بابت پائبند رهڻو پوندو نه ته ڪانئس نائب کسيو ويندو :-

(1) سراسري حاضري هميشه ايتري رکندو جيتري پهرين فقره ۾ ڏيکاريل قانون موجب رکڻي آهي.

(2) معلم پاڻ دنيوي تعليم باقاعدي روزمره ڏيندو. بنا موڪل ڪڏهن به غير حاضر نه رهندو، جيڪڏهن اوچتو بيماريءَ سبب فقط هڪ ٻه ڏينهن ڪم ڪري نه سگهندو ته به هڪدم موڪل جي رپورٽ لکي ٽپال ۾ موڪليندو. سال ۾ گهٽي ۾ گهٽو 20 ڏينهن موڪل وٺندو، جيڪڏهن معلم پنهنجي پاران ٻيو ڪو ماڻهو تعليم ڏيڻ لاءِ پگهار تي مقرر ڪندو ته اُن بابت هيٺيون احوال لکي موڪليندو :-

(1) نالو، پيءُ جو نالو ۽ ذات (2) وطن

(3) عمر (4) ڪيترا درجا پاس ڪيل ۽ ڪهڙي اسڪول مان؟

(5) اڳي ڇا ڪندو هو

جيڪڏهن اُهو ماڻهو ڪڏي ڇڏي ته هڪدم اُن تاريخ جي رپورٽ ڪري ته فلاڻي تاريخ ڪڍيو ويو. جڏهن ٻيو مقرر ڪجي ته پري اُن جي مقرريءَ جي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

تاريخ ۾ متي ڄاڻايل احوال موڪلجي. اهو عيوضي پنهنجي حاضري روزمره صحيح سميت پريندو رهي. اُهو بہ بنا موڪل هرگز غير حاضر نہ رهي، مگر عيوضيءَ هئڻ جي حالت ۾ هيڊ معلم يا مئنيجر بنا موڪل ڪيترو بہ غير حاضر رهي سگهي ٿو.

(3) سرڪاري پڳهار واري نائب ڪي ڪلاس ورهائي ڏيڻ گهرجن. نائب پنهنجي ڪلاسن جي ڪم لاءِ جوابدار آهي.

(4) شاگردن جي حاضري روزمره نائب پري ۽ هيڊ معلم ڏسي تہ سچي حاضري پريل آهي. هيڊ معلم ۽ نائب ٻئي سچن شاگردن داخل ڪرڻ ۽ سچي حاضري پرڻ لاءِ جوابدار آهن.

(5) نائب جو فرض آهي تہ اسڪول جي بهبوديءَ لاءِ اسڪول جون سڀ حقيقتون مخفي طور عملدارن وٽ پيش ڪري.

*(ملامخزن نومبر 1934ع)*



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# مڪتبن لاءِ جاين جا قسم

هن مخزن ۾ بار بار چيل آهي ته تعليم واسطي سڀ کان وڌيڪ ضروري ڳالهه آهي ڪارائتي جاءِ. هتي اسان ڏيڪاريندا سين ته ڪيترن پيسن مان ڪهڙي قسم جي جاءِ جوڙائي ٿي سگهجي.

**قسم پهريون** - ٻن صفحن واري جاءِ ورانڊي سان 500 روپين مان جوڙائي ٿي سگهجي. هر هڪ صفحو 12 هٿ ڊگهو ۽ 8 يا 9 هٿ ويڪرو هئڻ گهرجي. ٻنهي صفحن جي وچ ۾ دوازو هئڻ گهرجي. سڄي جاءِ سرن جي ٿيندي. پهريان پنج يا ڇهه بار پڪين سرن جا هئڻ گهرجن.

**قسم ٻيو** - هڪ صفحو ورانڊي سان 100 روپين مان جوڙائي ٿو سگهجي، مگر سڄي پٽ اوڏڪي ٿيندي. اوڏڪي پٽ، فقط زيباور نٿي ٿئي.

**قسم ٽيون** - اوڏڪي پٽ جي لانڍي 50 يا 75 رپين مان ٺهرائي ٿي سگهجي. هڪ لاٽڻ ۽ ٻه ورا ڪپندا. پر جيڪڏهن ڏگهيون ڪبيون ته چار ورا ڪپندا - پچرن جي مٿان پتر ڪي لتڻ ڪري ڇڏبي، جيڪڏهن لانڍي ٿڌي ڪرڻي هجي اڳتون ٿلهن يا ٿوٽين جي وسيلي ڇڄري ڪرڻ گهرجي.

## ٽنهي قسمن لاءِ عام هدايتون :

1. جيترو ٿي سگهي اوترو پراءُ وجهي جاءِ مٿي ڪرڻ گهرجي. جاءِ جو فرش گهٽ ۾ گهٽ ٻه هٿ مٿي هئڻ گهرجي.
2. حاطو هئڻ گهرجي ۽ حاطي جي اندر ڪشادو ميدان هئڻ گهرجي.
3. جاءِ جو منهن ڏکڻ طرف هئڻ گهرجي.
4. ورانڊي جي پٽ ۽ ڇت صفحن جي پٽ ۽ ڇت کان ٿورو هيٺ هئڻ گهرجي.
5. ڪمرن يعني صفحن خواه لانڍيءَ ڪي گهٽ ۾ گهٽ ٻه دريون اُتر ڪان ۽ هڪ ڏکڻ ڪان هجن.
6. پٽين ڪي ڇت جي ويجهو چوڏاري ڳڙڪيون روشني لاءِ هئڻ گهرجن. ڇت ۾ منگهه هجن ته ٻه چڱا آهن.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ پاڳي پائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

7. تي سگهي ته 500 رپين واري جاءِ کي پڪو رنگائيجي ۽ پتين کي اندران سيڙهيءَ جي پوچي ڏيارجي.
8. جاءِ ۾ ڪلر هجي ته ڪلر ڪجھ ڪيٽ سان ڪڍي پوءِ مٿو پنجھو وجهرائجي.
9. احاطي جي وٽ سان اندران نمون، ٽاليون پوکائجن، ۽ وچ ۾ گل ٻوٽا ۽ ساوڪ هئڻ گهرجن.
10. ڪامن يا پٽين ۾ جهلين لاءِ ڪڙا وجهرائجن.
11. صفحي يا لانڊي جي اپرندي يا الهندي طرف ايتري جاءِ ڇڏيل هئڻ گهرجي جو جيڪڏهن اسڪول وڌي ته هڪ صفحو وڌيڪ ٺاهي سگهجي.
12. جن آخوندن کي پئسا ڪنهن به صورت ۾ ملي نٿا سگهن تنکي گهرجي ته في الحال ڪکائين لانڊي جوڙائين جن تي 20 يا 25 روپيا خرچو مس لڳندو.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# عام واقفيت وڌائڻ

سيڪنهن انسان کي بالخصوص معلمن لاءِ ضروري آهي ته پنهنجي معلومات جو خزانو روزمره وڌائيندا رهن. انهيءَ لاءِ نه رڳو ڪتاب پڙهجن پر اخبارون به. ڪتاب اڳين وقتن جي خبر ٿا ڏين، پر اخبارون هلندڙ زماني جي واقفيت ٿيون ڏين جنهن سان اسان جو وڌيڪ تعلق آهي. اخبارون نه رڳو سڄي دنيا جون خبرون ٿيون ڏين پر سوين اهڙا سبق ٿيون سيکارين جي پنهنجي ۽ پنهنجي وطن ۽ قوم جي سڌاري ۽ ترقيءَ لاءِ ڪارائتا ٿا ٿين. اسان جي ملڪ ۾ اخبارن پڙهڻ جو شوق بلڪل ٿورو آهي. مگر يورپ آمريڪا ۽ جپان ۾ مزور ۽ ڪڙمي ماڻهو به هروز به چار آنا خرچ ڪري روزاني اخبار وٺي پڙهندا آهن. اسان جي ملڪ جا ماڻهو مسڪين آهن تنهن ڪري هو روزاني ته ڇڏيو پر هفتي وار اخبار جنهن جو ساليانو چندو چار يا پنج رپيا ٿو ٿئي سا به مشڪل ٿا گهرائي سگهن. اسان سنڌ جا مسلمان پنهنجي حالت جي ڀيٽ سنڌ جي هندن سان ڪري ٿا ڏسون ته سخت حيرت افسوس ۽ پشيماني ٿي ٿئي. سنڌ جي مسلمانن جون اخبارون بعضي ٻه بعضي فقط هڪ پيون رهي آهي. رڳو هڪڙي ڀيري ٿورو وقت تي هيون. ڪجھ وقت ڪان وٺي فقط هڪڙي الحق آهي سا به هفتي وار. هندن جي آدمشاري اسان جي چوٿين پتي جيتري آهي ته به سنڌي خواه انگريزي اٽڪل 12 اخبارون اٿن ۽ ڪيترائي ماهوار رسالا به اٿن. انهن سڀني جا خريدار به گهڻا آهن. اخبارون نه رڳو هفتي وار پر هفتي ۾ ٻه يا ٽي ڀيرا نڪرندڙ بلڪ ٽي يا چار ته روزانيون به اٿن.

خوشيءَ جي ڳالھ آهي جو هاڻي سکر ۾ هڪ ٻي اخبار زميندار نالي نڪتي آهي. تنهن کان سواءِ بلڪل جلد لاڙڪاڻي ۾ هڪ نئين مسلماني اخبارِ ”الحقيقت“ جي نالي سان نڪرڻي آهي. انهيءَ اخبار جو خاص اهو مقصد ٿيندو ته اهڙا اُپاءُ وٺجن جو مسلمانن کي بيدار ڪري اسلامي تهذيب ۽ ترقيءَ کي زور وٺائجي.

اهڙي اخبار لاءِ چار يا پنج رپيا سال ۾ خرچ ڪرڻ ڪا وڏي ڳالھ ڪانهي. پر تنهن هوندي به اخبارن گهرائڻ جي هڪ سولي رٿ ٻڌائجي ٿي. اها هيءَ آهي ته هر هڪ ڳوٺ گڏجي فقط هڪ اخبار گهرائي. انهيءَ حالت ۾ هر هڪ ماڻهو تي فقط ٽڪو يا آنو مهني ۾ پوندو جو سيڪوئي آسانيءَ سان ڏيئي سگهندو. اهڙيءَ طرح آٽايل اخبار مسجد يا حجري ۾ رکڻ گهرجي ته سيڪوئي ڳوٺ جو پڙهيل ماڻهو اُتي وڃي پڙهي سگهي، بلڪ اڻ پڙهيل به پڙهيلن کان ٻڌي سگهن.



سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ پاڳي پائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

# تدريس لاءِ ضروري ڳالهيون

هڪ حديث سڳوريءَ ۾ فرمايل آهي ته سيني کان چڱو ڪم اهو آهي جو سدائين ڪجي اگرچه مقدار ۾ ٿورو هجي. انهيءَ نسبت پهاڪو مشهور آهي ته ڦڙيءَ ڦڙيءَ مان تلاءُ ٿئي ٿو.

انهيءَ حديث شريف مان معلمن کي هي هدايت وٺڻ گهرجي ته ڪنهن به شاگرد کي سڄو ڏينهن غير حاضر رهڻ نه ڏين. ڪڏهن ڪو ڪم هجيس ته به گهٽ ۾ گهٽ اڌ ڪلاڪ حاضر رهي، سبقن جو دؤر ڪري پوءِ هليو وڃي نه ته اڳيون پڙهيل به وسري ويندس. معلم کي به گهرجي ته کهڙو به ضروري ڪم ٿي پويس ته به گهٽ ۾ گهٽ اڌ ڪلاڪ ضرور مڪتب جو ڪم ڪرڻ گهرجيس. پر جيڪڏهن لاچار ٻاهر وڃڻو هجيس ته مڪتب ڪنهن به شاگرد جي حوالي ڪري وڃي. اهو مڪتب ڪڏهن زور نه وٺندو جو ڪنهن ڏينهن يا ڪي ڏينهن لاڳيتا بند رهندو.

وقت سيني وٿن کان وڌيڪ قيمتي وٿ آهي. ويل وقت وري ڪڏهن هٿ نه ٿو اچي. حياتي گهٽي ڪانهي، جيڪا ٿوري حياتي اسانکي الله تعاليٰ ڏني آهي، تنهن کي اجايو نه وڃائجي، ڪي چڱا ڪم ڪري وٺجن. حديث سڳوريءَ ۾ آهي ته حضرت ﷺ جن هميشه هي دعا گهرندا هئا ته اي ڏٽي! مونکي سستي ۽ بيڪاريءَ کان رکي وٺ. سبحان الله! کهڙي نه سهڻي دعا آهي.

قاعدو آهي ته ڪا شيءِ يا انسان، يا ته ترقي ٿو ڪري يا پنتي ٿو هٽي. هڪ هنڌ بيهڻ ڪونهي. معلم لاءِ علم تمام ضروري آهي. جيڪڏهن هو علم کي ترقي نه وٺائيندو ته ضرور پنتي هٽندو. هن لاءِ به پهرين ڏنل حديث ڪارگر آهي. اسان هر روز مطالعو ڪريون پوءِ ڪٽي ڏهه منٽ پڙهون، ڪٽي پنج سٽون پڙهون ته به ڦڙيءَ ڦڙيءَ تلاءُ ٿي ڪنهن وقت هزار ڪتاب پورا ڪري وينداسين. حساب ڪبو ته سال ۾ 365 ڏينهن ٿا ٿين. جيڪڏهن ڪو انسان ڏهن ۽ ويهن ورهين جي عمر جي وچ ۾ هر روز هڪ صفحو ڪتاب جو پڙهي ته ڏهن سالن ۾ 365 صفحا پڙهي ويندو. ويهن ورهين جي عمر کان پوءِ جيڪڏهن 30 ورهيه جيرو رهي ته ٻيا به 1095 صفحا مطالعو ۾ اچي ويندا. ڇا هر روز هڪ صفحو به انسان نه پڙهي سگهندو! ايتري فرصت کهڙي انسان


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

ڪي نہ ملندي هوندي؟

ڀهراڙيءَ جا معلم چوندا تہ اسان ڪتاب ڪاڏانهن آڻيون ۽ خريد ڪرڻ لاءِ پيسا ڪٿان آڻيون. انهن کي معلوم هوندو تہ دنيا جا گهڻا ڪم گهڻن ماڻهن جي گڏجي ڪرڻ سان ٿا ٿين. هر ڪو پنهنجي ليکي ڪم ڪري تہ دنيا هلي ئي ڪين سگهي. اهڙي طرح هر ڪنهن ڳوٺ جي پڙهيل ماڻهن کي گهرجي تہ گڏجي ڪتاب خريد ڪن ۽ ڪنهن مقرر جاءِ ۾ رکن جتي سڀ فائدو وٺي سگهن.

وقت جي پابندي بابت معلمن لاءِ ضروري آهي تہ مڪتب جي ڪلڻ وقت شاگردن کي اطلاع ڏين. سيني ڪان سولو رستو آهي گهنٽي وڄائڻ. گهنٽي وڄندي تہ سڀ شاگرد ڊوڙندا ايندا ماءُ پيءُ کي بہ خبر پوندي تہ هاڻي وقت ٿيو آهي، پنهنجي ٻارن کي موڪليون. موڪل ڏيڻ وقت بہ گهنٽي وڄڻ کپي، انهيءَ جاءِ تي مائٽن کي خبر پوي تہ هاڻي اسان جي ٻارن هيڏي هوڏي رلندا ۽ گهر نہ ويندا تہ مائٽ سمجهي سگهندا.

پهاڪو مشهور آهي تہ ٻہ گدرا هڪ مٺ ۾ ڪٿين ايندا آهن. هي معلم ڪٿن مڪتب سڌاري آسودگي حاصل ڪندا، جي ٻيا ڏنڌا بہ ٿا ڪن. جو شخص ٻہ ڏنڌا ڪندو سو ٻنهي ۾ فتحياب نہ ٿيندو.



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# ضروري اطلاع

پروسي جهڙن چڱن مڪتبن لاءِ سماهي گرانٽ ڏيارڻ جي منظوري به آهي. جيڪو ئي معلم باقاعده تعليم ڏيندو، بنا موڪل غير حاضر نه رهندو، ماهواري نقشو هر مهيني موڪليندو رهندو ۽ پنهنجي اسڪول کي ٻارهن ئي مهينا آباد رکيو ايندو تنهن کي ٽئين ٽئين مهيني گرانٽ ڏياربي.

نائبن کي هر مهيني پگهار ڏيڻ جي منظوري مليل آهي. ورنيڪيولر فائنل امتحان پاس ڪيل کي 16 روپيا مهينو ۽ نا پاس ڪيل کي 9 روپيا مهينو ملندا. نائب ڏيارڻ لاءِ هي قاعدو ٺهيو آهي ته درجن جي تعداد کي 4 سان ضرب ڪري ضرب اپت ۾ ڪل شاگردن جو عدد جوڙ ڪبو. جيڪڏهن جواب 60 يا 60 کان ٿورو گهٽ ايندو ته نائب ڏياري سگهبو، جيڪڏهن جواب 90 يا 90 کان ٿورو گهٽ هوندو ته 2 نائب ڏياري سگهبا. جيڪڏهن جواب 120 يا ٿورو گهٽ هوندو ته 3 نائب، يعني جواب کي 30 سان ونڊ ڪري ڏسجي. جيڪو جواب ايندو اوترا معلم هيڊ ملا سميت ٿيندا. جيڪو ملا نابين آهي يا سنڌي ڪونه ڄاڻي سو جيڪڏهن تعداد موجب ٻه نائب رکندو ته هڪڙي جو پگهار سرڪاري ٿيندو ۽ مٿئين قاعدي موجب 60 تائين هڪ نائب جو حقدار آهي.

جنهن صورت ۾ نائب جي پگهار گرانٽ کان علاوه ٿي ملي يعني ڪم جي گرانٽ به ٿي ڏيارجي ۽ جدا وڌيڪ نائب جي پگهار به ٿي ڏيارجي تنهن صورت ۾ اهڙن اسڪولن جي ضابطي تي خاص نظر رکي ويندي.

1. ياد رکڻ گهرجي ته ملا ۽ نائب ٻنهي کي باقاعدي محنت ڪري تعليم ڏيڻ گهرجي ۽ ٻنهي کي بنا موڪل هرگز غير حاضر نه رهڻ گهرجي.
2. موڪل تي وڃڻ لاءِ اڳواٽ منظوري وٺي پوءِ وڃڻ گهرجي، جيڪڏهن مجبورن اوچتو غير حاضر ٿيڻ جو ضرور پوي ته بروقت ئي رپورٽ ڪرڻ گهرجي ۽ ٻنهي حالتن ۾ موڪل تان موٽي اچڻ جي رپورٽ به بروقت ڪرڻ گهرجي ته اڄ فلاڻي تاريخ صبح يا شام وقت اچي حاضر ٿيس ۽ ڪم کي لڳس.
3. نائب کي سال ۾ گهٽ ۾ گهٽ 20 ڏينهن موڪل ڏيئي ٿي سگهجي ۽ هڪڙي


www.sindhsalamat.com
سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ئي وقت ۾ هفتي کان وڌيڪ ڏيئي نٿي سگهجي. امتحان جي وئڪيشن ان کان علاوه ڏيئي ٿي سگهجي.

4. نائب جڏهن موڪل تي وڃي تڏهن درخواست يا رپورٽ پنهنجي هٿ سان لکي ملا جي معرفت موڪلي ۽ جڏهن موٽي اچي تڏهن بہ پاڻ ملا جي معرفت رپورٽ موڪلي.
5. ملا کي گهرجي تہ هر مهيني جي آخر ۾ رپورٽ موڪلي تہ هن مهيني ۾ نائب سڄو مهينو حاضر رهيو يا هيترا ڏينهن موڪل سان يا بنا موڪل يا ڪاٿ پگهار سان فلاڻي تاريخ کان فلاڻي تاريخ تائين غير حاضر رهيو. جڏهن اهڙي رپورٽ پهچندي تڏهن پگهار جو بل ٺاهيو ويندو.



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# صفائي

صفائي تندرستيءَ لاءِ ۽ دل ۽ دماغ جي فرحت لاءِ نهايت ضروري آهن خصوصن دماغي ڪم ڪندڙن واسطي. اسڪول جي جاءِ کي صفا رکڻ شاگردن لاءِ نهايت آسان آهي، ڇو ته ايترن شاگردن لاءِ اهو ٿورو ڪم ائين آهي جيئن ٻاڪري مال اڳيان ٿاري. اسڪول ۾ اسڪولي سامان کان سواءِ ٻيو ڪجهه به هئڻ نه گهرجي. جيڪڏهن لاچاري حالت ۾ رکڻو پوي ته اسڪول جي وقت ۾ ڪنڊائتو ۽ با ترتيب رکڻ گهرجي. صفائي اهڙي هجي جو هڪ ڪک يا هڪ ڪاغذ جو ٽڪر به ڏسڻ ۾ نه اچي ، ڇت ۽ ڀتيون به گهٽ ۾ گهٽ هفتي ۾ هڪڙو ڀيرو صفا ڪرائڻ گهرجن، نه ته به مهيني ۾ هڪ ڀيرو ته ضرور. ڪرسين ۽ ميزن ۽ ڪتابن کي وري وري ڇنڊڻ گهرجي.

سينگار ۽ معلوميات لاءِ ٻاهرين دروازي تي وڏن اکرن ۾ اسڪول جو نالو لکڻ گهرجي، ۽ ان جي پرسان هي حديث ترجمي سان هئڻ گهرجي: -

”طلب العلم فريضته علیٰ کل مسلم و مسلمته.“ ترجمو - علم جي طلب سڀ ڪنهن مسلمان مرد خواه عورت تي فرض آهي.

اندرين دروازي جي مٿان ڪلمو شريف معنيٰ سان هئڻ گهرجي.

لا الہٰ الا اللّٰہ محمد الرسول اللّٰہ

يعني خدا ڪانسواءِ ڪو معبود ڪونهي (جنهن جي ٻانهپ ڪئي وڃي) حضرت محمد ﷺ الله تعاليٰ جو پيغام آڻيندڙ يا موڪليل آهي. دروازي جي سامهون جاءِ ۾ اندر هي الفاظ هئڻ گهرجن:-

الله اڪبر يعني الله تعاليٰ سڀني کان وڏو آهي.

انهن ڪانسواءِ چونڊيل آيتون ۽ حديثون ترجمي سميت وڏن اکرن ۾ لکي ڀتين تي هٽي ڇڏڻ گهرجن. مثال طور هيٺيون آيتون حديثون ۽ قول ڏجن ٿا.

1. حديث- شرف الانسان بالعلم والحسب لابالمال والنسب يعني انسان جو شرف علم ۽ نيڪيءَ سان آهي نه دولت ۽ خاندان سان.
2. آيت - ان اڪرمڪم عندالله اتقاڪم يعني الله تعاليٰ وٽ اوهان مان وڏيڪ عزت وارو اُهو آهي جو وڏيڪ پرهيزگار آهي.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

3. حديث - ومن اعظم الخطاءِ اللسان الكذوب يعني سيني گناهن کان وڏو گناه ڪوڙي زبان آهي.
4. حديث - المسلم من سلم المسلمون من لسانہ ويده- يعني مسلمان اُهو آهي جنهن جي زبان ۽ هٿ کان مسلمان سلامت هجن.
5. حديث- والمها جرمن هجر مانهي الله عزوجل منہ- يعني مهاجر اُهو آهي جو الله تعاليٰ جل شانہ جي منع ڪيل شين کان پري ڀڄي.
6. حديث- اربع من ڪُنَ فيہ کان منافقا ومن ڪانت فيہ خصلة منهن ڪانت فيہ خصلة من النفاق حتي يد عها اذ اؤتمن خان واذا حدث ڪذب واذا عاهد غدر واذا خاصم فجر- يعني جنهن شخص ۾ هي چار خصلتون آهن سو منافق آهي، جنهن ۾ انهن مان هڪڙي آهي تنهن ۾ نفاق جي هڪڙي خصلت آهي جيستائين ڪ ان کي ڇڏي وجي.
   1. جڏهن وٽس امانت رکجي تہ خيانت ڪري
   2. ڳالهائي تہ ڪوڙ ڳالهائي
   3. انجام ڪري تہ پورو نہ ڪري
   4. جهيڙو ڪري تہ گاريون ڏئي.
7. حديث - الجنت تحت اقدام الامهات- يعني بهشت ماءُ جي پيرن هيٺ آهي.
8. حديث - ما احب عبدُ عبند الله الاڪرم ربہ عزو جل- يعني پنهنجي خالق سان محبت رکين ٿو تہ پهريائين ذات انسان سان محبت رک.
9. حديث - ان الحياءَ والايمان قرناءُ جميعا فاذا رفع احدهما رفع الاخر- يعني لڄ ۽ ايمان ہہ گڏيل سگ آهن پوءِ جڏهن انهن مان هڪڙو متي ڪجي وجي تہ ٻيو بہ متي ڪجي ٿو وجي يعني جنهن کي حياءُ ڪونهي تنهن کي ايمان بہ ڪونهي.
10. حديث - لايزني الزاني حين يزني وهو مؤمن ولا يسرق السارق حين يسرق وهو مؤمن ولا يشرب الخمر حين ميشر بها وهو مؤمن ولاينتهب نهبة يرفع الناس اليہ فيها ابصارهم حين ينتهبهاءَ وهو مؤمن ولايغل احد ڪم حين يغل وهو مؤمن فاياڪم ايا ڪم يعني اهو شخص مؤمن ناهي جو زنا ٿو ڪري يا چوري ٿو ڪري يا شراب ٿو پيئي يا ڦر ٿو ڪري يا امانت ۾ خيانت ٿو ڪري خبردار! خبردار!!
11. حديث - اللهم اني اعوذبڪ من العجز و الڪسل والجبن- يعني اي رب سائين! مونکي جڏائي، سستي ۽ بزدلي کان پناهہ ۾ رک.
12. حديث - بعثت لاتمم مڪارم الاخلاق يعني مان انهيءَ لاءِ موڪليو ويو آهيان تہ اخلاقي خوبين کي ڪماليت وٺايان (يعني رسالت جو مقصد ئي آهي چڱا اخلاق سيکارڻ.)


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

13. لايرحم الله من لايرحم الناس يعني جو شخص ٻين تي رحم نٿو ڪري تنهن تي الله تعاليٰ بہ رحم نٿو ڪري.
14. حديث - خير الناس من ينفع الناس يعني سڀني کان چڱو انسان اُهو آهي جو ٻين انسانن کي فائدو پهچائي.
15. اسلام جي تعليم موجب وياج نہ رڳو وٺڻ حرام آهي پر ڏيڻ بہ حرام آهي.
16. رشوت ڏيندڙ ۽ وٺندڙ ٻنهي تي حضرت ﷺ لعنت فرمائي آهي.
17. زواليت کان بچڻ ۽ ترقيءَ کي قائم رکڻ لاءِ ڇا هئڻ گهرجي؟
علم سان گڏ عمل يا تقويٰ يا پرهيزگاري
حڪومت سان گڏ نماڻائي انصاف ۽ رحم
ڌن سان گڏ سادگي محنت ۽ سخاوت


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

# سرڪيولرز

## (هيٺ ڏنل سرڪيولرز علامه علي خان ابڙو ڊپٽي ايجوڪيشنل انسپيڪٽر فار محمدن ايجوڪيشن حيدرآباد ڊويزن هجڻ دوران جاري ڪيا)

1. جنهن اسڪول ۾ سرڪاري پگهار ڪٽندڙ نائب مقرر آهن تنهن جي هيڊ معلم کي ڪلاس ورهائي باقاعده بنا گسائڻ جي ڪم پورو ڪرڻو آهي ۽ ٽائيم ٽيبل ٺاهي ان موجب ڪرڻو آهي. هڪڙي ٽائيم ٽيبل ۾ ڪم ڏيکارڻ گهرجن ۽ ٻئي ٽائيم ٽيبل ۾ هر موسم جا وقت ڏيکارڻ گهرجن. هن ڪم ۾ پر واري لوڪلبورڊ اسڪول جا ٽائيم ٽيبل پٽ تي ٽنگي ڇڏڻ گهرجن. ٽائين ٽيبل انهن اسڪولن کي به ٺاهي رکڻ گهرجن جن کي سرڪاري نائب مليل ڪونهي.
2. جن اسڪولن ۾ سرڪاري پگهار ڪٽندڙ نائب آهن، انهن جي هيڊ معلمن کي نائبن وانگر بلڪ وڏيڪ باقاعدي روزانو ڪم ڪرڻو آهي ۽ بنا موڪل جي هرگز غير حاضر رهڻو نه آهي. هيڊ معلمن خواه نائبن کي موڪل لاءِ اڳوات درخواست موڪلڻ گهرجي. جيڪڏهن ايئن نه ٿيندو ته نائب جي پگهار ڪاٽبي يا نوڪري مان ڪڍي ڇڏبو ۽ هيڊ معلم جو قصور هوندو ته اسڪول مان نائب ڪڍيو ويندو ۽ وري نه ڏنو ويندو. جيڪڏهن مئنيجر جي پاران ٻيو ماڻهو پڙهائڻ لاءِ مقرر ٿيل آهي ته انهيءَ کي باقاعدي ڪم ڪرڻو آهي ۽ موڪلون ونڻيون آهن ۽ نه مئنيجر کي.

   جيڪڏهن هيڊ معلم يا مئنيجر جو عيوضي بنا موڪل غير حاضر رهي ته سرڪاري پگهار ڪٽندڙ ماستر اسان کي هڪدم ڪليو ڪلايو يا مخفي رپورٽ ڪري ۽ سنڌس ڪلاس جو ڪم بلڪل نه ڪري.
3. هر ڪنهن معلم کي پنهنجي ڪلاسن جي حاضري پاڻ پرڻ گهرجي ۽ پنهنجي ڪلاس جي ڪم لاءِ پاڻ جوابدار آهي. جيڪڏهن سرڪاري پگهار ڪٽندڙ نائب جو ڪم گهٽ هوندو ته ڪيس نوڪري مان ڪڍيو ويندو ۽ ڪو به عذر نه ٻڌو ويندو. جيڪڏهن نائب کي ڪي تڪليفون درپيش آهن جن جي ڪري ڪم سنو نٿو ٿئي ته هڪدم روبرو يا ڏي - او لکي حقيقتون پيش رکي نه ته نوڪري


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

کان برطرف ٿي ويندو. جيڪڏهن هيڊ معلم يا مئنيجر جي عيوضيءَ جو ڪم گهٽ هوندو ته ڪانئس نائب ڪسيو ويندو ۽ ورنه هرگز نه ڏنو ويندو.

4. جيڪڏهن هيڊ معلم يا نائب منظوريءَ سان موڪل تي ويو هجي ۽ موڪل جي عرصي کان وڌيڪ رهڻ جي ضرورت پويس ته هڪدم ٻي درخواست موڪلي ڏئي نه ته ساڳيو قدم کنيو ويندو جو مٿي فقره ٻئي ۾ ڄاڻايل آهي.

5. جيڪڏهن هيڊ معلم ڪوڙا شاگرد داخل ڪندو يا امتحان وقت ڪا ٺڳي ڪندو ۽ نائب اسان جي ۽ ممتحن جي ڌيان تي نه آڻيندو ته نائب کي نوڪريءَ مان ڪڍيو ويندو.

6. مٿين هدايتن مان سمجهي ٿا سگهو ته سرڪاري پگهار کٽندڙ ٽائين وارن اسڪولن ۾ ڪم گهٽ هئڻ ڪنهن به صورت ۾ اسان برداشت ڪري نه سگهنداسين. جيڪڏهن هيڊ معلم جو قصور ڏسنداسون ته ڪانئن نائب ڪسينداسين ۽ جيڪڏهن نائب جو قصور ڏسنداسون ته ڪيس نوڪريءَ مان ڪڍي ڇڏينداسون.

7. ڪو به ملان اسڪول ڪوڙا شاگرد داخل ڪندو، ڪوڙي حاضري ڀريندو يا امتحان وقت ٺڳي ڪندو ته نه رڳو گرانٽ کانئس ملندي پر اسڪول لسٽ تان لاهبو بلڪ ڪن حالتن ۾ ڪيس پوليس جي حوالي ڪرڻو پوندو.

8. هڪڙي حيرت جي ڳالهه هيءَ آهي ته ڪنهن ٻار کي ممتحن ناپاس ٿو ڪري ته به هيڊ معلم ان کي مٿئين درجي ۾ ويهاري مٿئين درجي جا ڪم ٿو ڪرائي هي ڪم سخت بي قاعدي آهي ۽ ممتحن جي بي عزتي آهي، جيڪڏهن آئنده ڪو به معلم ائين ڪندو ته سخت قدم کنيو ويندو. اهڙي ناپاس ٿيل ٻار کي مٿي پاڙهڻ لاءِ درخواست به نه ڪرڻ گهرجي باقي خاص حالت هجي ته روبرو امتحان لاءِ مهربان بيٽ عملدار صاحب وٽ يا اسان وٽ آڻجي، پوءِ جيڪڏهن اسان منظوري ڏيون ته بيشڪ مٿئين درجي جا ڪم ڪرائڻ گهرجن. ٻين شاگردن کي مٿي ٽپائڻ لاءِ درخواست ڪرڻي هجي ته مهربان بيٽ عملدار صاحب جي معرفت موڪلڻ گهرجي؛ ان ۾ سڀ ضروري حقيقتون ڄاڻائڻ گهرجن مثلن: (1) گذريل سياري ۾ ڪهڙي درجي جو امتحان ڏنائين ۽ ڪيتريون مارڪون ڪنيائين (2) عمر (3) خاص منظوريءَ لاءِ سبب وغيره.

9. جڏهن ڪو هيڊ معلم نئين مڪتب رجسٽرڊ ٿيڻ لاءِ اسان کي درخوست موڪلي ته انهيءَ ۾ اهو ضرور ڄاڻائي ته جنهن ڳوٺ ۾ هو مڪتب رجسٽرڊ ڪرائڻ گهري ٿو تنهن ڳوٺ کي ويجهي ۾ ويجهو لوڪلبورڊ اسڪول يا رجسٽرڊ ملا اسڪول ڪهڙو آهي ۽ ڪيتري مفاصلي تي ۽ ڪهڙي طرف آهي ۽ انهي ڳوٺ جا ڪيترا شاگرد اهڙي لوڪلبورڊ اسڪول يا ملا اسڪول ۾ پڙهندڙ


www.sindhsalamat.com
سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

آهن.

10. شاگردن کي مٿئين درجن ۾ ٽپائڻ بابت درخواستون واسطيدار بيٽ آفيسرن جي معرفت اچڻ گهرجن ۽ نه سڌيون.

11. هن سرڪيولر جي ڪاپي هر هڪ هيڊ معلم کي يا مئنيجر کي پنهنجي دفتر تي رکڻ گهرجي.

12. حاضري رجسٽر ۽ جنرل رجسٽر وغيره جي گهر واسطيدار تعلقي ماستر کان ڪرڻ ۾ اچي ۽ نه اسان کان.

## ڇوڪرين لاءِ اسڪالرشپون

سنڌ سرڪار ڇوڪرين لاءِ ڏهين رپئين هرماهه واريون 150 اسڪالرشپون منظور ڪرڻ فرمايون آهن. اهي انهن ڇوڪرين کي ڏيڻ ۾ اينديون جي ورنيڪيولر فائينل امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ اسڪول ماسترياڻيون ٿي ڪم ڪنديون.

اهي سڪالرشپون هيٺين شرطن تي ڏنيون وينديون:-

1. اميدوار ورنيڪيولر فائينل پاس ڪرڻ کان پوءِ اسڪول ماسترياڻيون ٿي ڪم ڪرڻ لاءِ ٻڌل رهنديون.

2. جيڪڏهن ڪو به ضلعي جو اسڪول بورڊ يا ميونسپالٽي ڪين پنهنجي اسڪولن ۾ ماسترياڻي ڪري رکڻ پاڻ تي هموار ڪندو.

3. اميدوار جو پيءُ يا سنڀاليندڙ هڪ اقرار نامون لکي ڏيندو جنهن لاءِ ڇهن سون جا 2 ضامن پڻ ڏيندو ۽ ضامن جي تصديق انهيءَ تعلقي جو مختيار ڪار ڪندو. جنهن تعلقي ۾ هو رهندڙ هوندا.

مٿين شرطن کانسواءِ عمر جي حد جو سوال پڻ سنڌ سرڪار جي زير ويچار آهي. جڏهن هن باري ۾ فيصلو ٿيو تڏهن اطلاع ڏنو ويندو.

سڪالرشپ لاءِ درخواستون هن آفيس جي معرفت جناب انسپيڪٽريس صاحبه آف گرلس اسڪولس سنڌ کي ڪرڻ گهرجن. درخواستن ۾ هيٺين حقيقت ڇٽيءَ طرح ڄاڻايل هجي:-

1. اميدوار جو نالو پيءُ جي نالي سميت
2. ڄمڻ جي تاريخ
3. ڄمڻ جو هنڌ
4. درجو جنهن ۾ پڙهي ٿي ۽ اسڪول جنهن ۾ پڙهندڙ آهي.

درخواست سان گڏ ڊسٽرڪٽ اسڪول بورڊ يا ميونسپل اسڪولبورڊ جنهن جي ماتحت اميدوار نوڪري ڪندي تنهنجي ريزوليوشن جي ڪاپي موڪلڻ گهرجي جنهن ۾ ڇٽيءَ طرح ڄاڻايل هجي ته بورڊ اميدوار کي ڪواليفائيڊ ٿيڻ بعد نوڪري


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڏيڻ لاءِ تيار آهي. ان سان گڏ متي ڄاڻايل اقرار نامون پڻ موڪلڻ گھرجي.
جيڪا درخواست متين هدايتن موجب نہ موڪلي ويندي اها دفتر ۾ داخل نہ ڪئي ويندي.

## ملا اسڪولس حيدرآباد جون حدون

سيني حيدرآباد، ڪراچي ۽ ٿرپارڪار ضلعي جي ملن ۽ مولوين جي اطلاع لاءِ لکجي ٿو تہ مهربان اسٽنٽ ڊپٽي ايڊوڪيشنل انسپيڪٽر صاحب ملا اسڪولس حيدرآباد جون حدون ڦيرايون ويون آهن ۽ هاڻي هر هڪ کي هيٺيان تعلقا مليل آهن. انهن تعلقن جا ملا اڳتي هيٺ ڏيکاريل اسٽنٽ ڊپٽي صاحبن سان لکپڙهہ ڪن.

فورٿ اسٽنٽ ڊپٽي ايڊوڪيشنل انسپيڪٽر صاحب ملا اسڪولس حيدرآباد

1. مانجهند 2. ڪوٽڙي 3. ڪوهستان 4. ميرپور ساڪرو 5. ڪراچي تعلقي ۽ ميونسپالٽي.

سيڪنڊ اسٽنٽ ڊپٽي ايڊوڪيشنل انسپيڪٽر صاحب ملا اسڪولس حيدرآباد

1. بدين 2. ٽنڊو باگو 3. جيمس آباد 4. ڏيپلو 5. مٺي 6. ننگر پارڪر 7. ڇاڇرو 8. ڏگري

ٿرڊ اسٽنٽ ڊپٽي ايڊوڪيشنل انسپيڪٽر صاحب ملا اسڪول حيدرآباد

1. هالا 2. ٽنڊو الهيار 3. ڏيرو محبت 4. ميرپور خاص 5. سانگهڙ 6. کپرو 7. سامارو 8. عمر ڪوٽ

فرسٽ اسٽنٽ ڊپٽي ايڊوڪيشنل انسپيڪٽر صاحب ملا اسڪول حيدرآباد

1. حيدرآباد 2. گوني 3. ميرپور بٺورو 4. سجاول 5. جاتي 6. شاهہ بندر 7. گهوڙا ٻاري 8. ڪيٽي بندر

*(ملا مخزن 1938ع)*


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# تمام ضروري هدايتون

1. وقت بہ وقت هدايتون ڏنيون ويون آهن تہ حاضري روزمره پرڻ گهرجي. مگر اجا سوڏو کي معلم ايئن نتا کن. اُميد تي کجي تہ آئنده کوئي بہ معلم هک يا ٻہ هفتا يا وڌيک رکي پوءِ هک ئي ڏينهن سيئي خانا پري نہ ڇڏيندو. رجسٽر انهيءَ لاءِ نتو ڏنو وڃي تہ کوڙي حاضري ويهي پرجي.
2. هدايتن هوندي بہ کي معلم ملان مخزن حفاظت سان نتا رکن. ملان مخزن سرکاري آهي ۽ کنهن بہ صورت ۾ گم نہ ٿيڻ گهرجن. جيکڏهن کنهن بہ مهيني جي ملان مخزن نہ ملي هجي تہ هکدم تعلق پيون ۽ تعلقي ماستر کان جاچ کرڻ گهرجي.
3. طوطي وانگر پڙهائڻ جو جهونو دستور اجا سوڏو کن اسکولن ۾ هليو پيو اچي. ٻاراٽي کلاس وارا کتاب جا سبق اهڙي طرح پڙهايا تا وڃن جئين کو نابين کلامُ الله شريف ياد پڙهي ويندو آهي. ائين کرڻ سان معلم خواه متعلم جي محنت اجائي برباد ٿي ٿئي. وقت بوقت هدايت ڏني ويئي آهي تہ جو اکر سيکارجي سو شاگرد سڃاڻي بہ وڃي ۽ لکي بہ وڃي تنهن کان پوءِ کيس ٻيو اکر سيکارجي. جڏهن لفظ سيکارجي تڏهن شاگرد پاڻ هجي کري لفظ کڍي وڃي. آئنده جيکو معلم طوطي وانگر پڙهائيندو سو سمجهبو تہ بي پروا هي ٿو کري ۽ اسکول سڌارڻ جو خيال کونهيس.
4. انگن سيکارڻ ۾ بہ ساڳيو ئي قاعدو لاڳو کجي. انگ نہ رڳو طوطي وانگر سو تائين چئي وڃن پر منڊ کان وٺي جنسي شين جي وسيلي گڏڻ ۽ کڍڻ يعني جوڙ ۽ کٽ سيکارجي. مثلن 5 تائين انگ سيکارجن تہ شاگرد انگ سڃاڻي بہ وڃن ۽ لکي بہ وڃن. ازان سواءِ سوالن جا جواب ڏيئي سگهن تہ 2 پيسا ۽ 3 پيسا گڏجن تہ گهڻا ٿيندا يا 5 پيسن مون هک کڍي ڇڏجي تہ باقي کيترا بچندا. جڏهن اهڙيءَ طرح 5 تائين انگ سکي رهن تہ پوءِ رفتہ رفتہ وڌيک سيکارجن. ڏهن جي انگ کان پوءِ ايکا ۽ ڏهاکا سمجهائجن.
5. کتاب جي سبق تي سوال اهڙيءَ طرح پڇجن جو شاگردن کي ان سبق جو مطلب


www.sindhsalamat.com

سنڌيکا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

سمجهه ۾ اچي وڃي. جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ يا ملڪ جو نالو سبق ۾ اچي ته انجي معلومات به ضرور شاگردن کي ڏجي.

6. پڙهائڻ جو سڀ کان مکيه اُصول هي آهي ته جيڪي سيکارجي سو تمام چڱيءَ طرح سيکاري ۽ پوءِ اڳتي وڌجي. مثلن جيستائين جوڙ جا حساب بلڪل چڱيءَ طرح شاگرد نه سکن تيستائين ڪٽ شروع نه ڪجي. ڪتاب جا 25 سبق اڻ چڱي طرح پڙهايل هجن تنهن کان بهتر آهي ته فقط 5 سبق چڱيءَ طرح پڙهايل هجن.

7. جيتري قدر ممڪن هجي ساڳئي درجي جي شاگردن کي ساڳيو سبق پڙهائجي، نه ته هر هڪ شاگرد تي جدا جدا محنت ڪرڻي پوندي. مثلن سمجهو ته پهرين درجي ۾ 6 شاگرد آهن، جيڪڏهن هر هڪ کي جدا جدا سبق سيکاريو ويندو ته معلم کي ڇهوڻ تڪليف ڪرڻي پوندي ۽ ڇهوڻ وقت لڳي ويندو. جيڪي هونءَ هڪ ڪلاڪ ۾ سيکاري سگهي ها سو ڇهن ڪلاڪن ۾ مس سيکاري سگهندو.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# جاگرافي ڪيئن سيکارجي؟

حقيقتاً جغرافيه (جاگرافي جو علم) نه رڳو مفيد پر گڏوگڏ وڻندڙ به آهي. ڇو ته اُن جي وسيلي سڄيُ دنيا جو سير گهر ويٺي ڪري ٿو سگهجي، ۽ سڄي جهان جي سڀڪنهن قسم جي واقفيت حاصل ٿي ٿئي.

خصوصن نقشن ۽ تصويرن جي وسيلي سڄي دنيا اکين جي آڏو اچي ٿي وڃي ۽ عجيب ۽ دلفريب نظارا ٽا ڏسجن. مگر افسوس جو اسان جا اڪثر ماستر پنهنجي لاءِ خواه ويچارن ٻارن لاءِ هن علم ڪي خشڪ ۽ بي سود ڪيو وجهن. طوطي وانگر نالا ۽ ٻيون ڳالهيون ياد ڪرائي ڇوڪرن جي دماغ تي بوجھ وجهيو ڇڏين.

اها سڄي محنت ماسترن جي خواه ويچارن ٻارن جي بلڪل اجائي ۽ نقصان ڪار ٿي ٿئي. جن ٻارن کي جاگرافي چڱي طرح ايندي آهي تن ڪي حاصل ڪئي اٿئون، ۽ جن کي پڪو هوندو آهي تن کي به سڌ ڪانه هوندي آهي ته اُنهيءَ منجهان ڪا پنهنجي ملڪ جي خبر ٿي پوي. ڪي ڇوڪرا جن جو ڳوٺ سنڌو نديءَ جي ڪپ تي آهي ۽ سنڌونديءَ جو بيان ٻڌائي ويندا آهن ۽ نقشه تي به ڏيکاري ويندا آهن تن کان پڇبو آهي ته درياهُ ڏٺو اٿو ته چوندا آهن ته هائو اجهو هيءُ پيو وهي. ڪهڙي نه حيرت جهڙي ڳالهه چئبي جو ماستر ڪين ايترو به نه ٻڌائيندا آهن ته سنڌو ندي اها آهي جنهن ڪي ماڻهو درياهُ سڏيندا آهن. ٻيو ڇوڪرا نقشي تي سڀ ڪجھ ڏيکاري سگهندا آهن، مگر ايترو به ٻڌائي نه سگهندا آهن ته فلاڻو ڳوٺ اسان کي فلاڻي طرف آهي ۽ هيترا ميل پري آهي.

طرف پهرين درجي ۾ ئي ٽا سيکارجن ڇو ته اسڪول جو نقشي ڪڍڻ اُن درجي ۾ سيکاربو آهي. ٻئي درجي ۾ نقشي جا طرف سيکاري پوءِ ڇوڪرن کي استعمال ڪرائجي، جيئن نقشه تي ڏسي ٻڌائي سگهن ته فلاڻو ڳوٺ فلاڻي ڳوٺ کان فلاڻي طرف آهي. جڏهن انهن کي اها خبر پئجي ويندي تڏهن ڏاڍو مزو اچي ويندن ۽ فرصت جي وقت ۾ ازخود پيا ڏسندا ۽ ٻيا معلوم ڪندا ته فلاڻو ڳوٺ اسان کان فلاڻي طرف آهي.

اهڙي طرح ٽئين درجي جي شروعات ۾ ئي ڇوڪرن کي مفاصلو ڪڍڻ


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

سيکارجي، پوءِ کين نقشي سان وڌيڪ دلچسپي ٿيندي. ازخود ضلع جي ڊيگهه ويڪر لهندا، واهن جي ڊيگهه ڪيندا ۽ ڳوٺن جي وچ ۾ مفاصلو ڪيندا وغيره وغيره.

پهرئين درجي ۾ اسڪول جي جاءِ جو نقشو ڪڍڻ سيکاربو آهي. اڪثر ماستر ڇا ڪندا آهن جو بورڊ تي نقشو ڪڍي ڏيکاريندا آهن، ۽ ڇوڪرا نقل ڪري پڪو ڪري ڇڏيندا آهن. جنهن جو نتيجو اهو نڪرندو آهي جو رڳو پنهنجي ڪلاس جو نقشو به ڪڍڻ کين ايندو اٿن.

ماسترن کي گهرجي ته پهريائين پنهنجي ڪلاس جو نقشو ڪيرائين، سو به ماستر پاڻ نه ڪڍي. هر ڪوئي ڇوڪرو پنهنجو خيال هلائي. جيڪڏهن ڪو ڇڪ ڪري ته اهڙو سوال ڪجيس جنهن مان هو ڇڪ سمجهي پاٽيهي درست ڪري.

نقشي ۾ طرف وجهرائجن، درين ۽ درن جا نشان ڪرائجن. پوءِ وري ڪنهن ٻيءَ جاءِ جو نقشو ڪيرائجي.

جيڪڏهن ڇوڪرا پاٽيهي نقشو ڪڍي ويا ته سمجهبو ته نقشو ڪڍڻ سکيا. ماسترن کي اهڙن سوالن سان ڇوڪرن جو خيال هلائڻ گهرجي جو ڇوڪرا پاڻ ڪم ڪري وجن. ماستر چوندا ته هي نمونو اختيار ڪرڻ ۾ تڪليف آهي، حقيقتاً ائين ناهي. ڇو ته هن نموني ۾ تڪليف رڳو شروعات ۾ آهي. مگر اڳوڻي نموني سان ڪيتري به تڪليف وٺبي ته به ڇوڪرا نقشو ڪڍڻ هرگز ڪو نه سکندا. ٻيا ڪم به ائين آهن. نقشي ڪيرائڻ ۾ ماپ ڪرائي پيمانه ڇوڪرن کان ڪيرائجي. ٻئي درجي ۾ ڇوڪرن کي ڳوٺ جو نقشو ڪيرائجي. پنهنجو ڳوٺ هر هڪ شاگرد جو ڏٺل آهي. تنهنڪري ڪلاس ۾ ويهي ڪري نقشو ڪڍي طرف لکي ۽ جيڪي ڪي هر طرف آهي سو لکي ڇڏيندا. مثلن جيڪڏهن اوپر طرف رستو آهي ته ان طرف رستو ڪڍي لکن ته هيءُ رستو آهي ۽ هيڏي فلاڻي ڳوٺ ڏي ٿو وڃي ۽ هوڏي فلاڻي ڳوٺ ڏي ٿو وڃي. پر جيڪڏهن ڪلاس ۾ نه ڪڍي سگهن ته ڪنهن اُوچيءَ جاءِ تي چڙهي يا چوڌاري ڳوٺ جي ڦري سليٽ تي ٻاهرين حد ڪيندا وڃن، پوءِ مکيه گهٽيون ڪڍن.

تنهن ڪان پوءِ وري ڪنهن اُوچي جاءِ تي چڙهي ڇوڪرن کي چئجي ته هاڻي هڪ ٻيو نقشو ڪڍو جنهن ۾ هيءَ جيڪي آس پاس ڏسون ٿا سو سڀ اچي وڃي.

هيءُ جيڪو واهه ڏسو ٿا اهو انهيءَ طرف جي حد ڪريوس. وري هيڏي جيڪو ڳوٺ ٿا ڏسو سو انهيءَ طرف جي حد تي بيهاريو وغيره وغيره.

هاڻي انهن حدن جي اندر جيڪي رستا يا پيچرا يا ڪڙيا ڏسو ٿا تن جا نشان ڪڍو.

پوءِ ڳوٺ جي جاگرافي شروع ڪرڻ گهرجي.

ڳوٺ بابت سڀ احوال ڇوڪرا پاڻ ٻڌائي سگهندا. ڳوٺ جي آس پاس واهه، ڍنڍون ، ٻوڪون ۽ ڳوٺ جي آدمشماري، ماڻهن جون ذاتيون، رسمون، رواج، چال



سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

چلگت، ڏنڌا، هنر، ڪاريگريون، واپار، علمي ۽ اخلاقي حالت وغيره. وغيره ڇوڪرن کان پڇڻ گهرجن. انهيءَ سان گڏ ضروري نصحيتون به ملائي ڏيون سگهجن.

پوءِ ڳوٺ جي ٻاهران اچي ڪانئن پڇجي ته هيءُ رستو يا پيچرو ڪاڏي ٿو وڃي؟ واٽ تي ڪهڙا ڳوٺ آهن ۽ ڪيترو پري آهن؟ اُهي ڳوٺ ڪهڙين ڳالهين ۾ اسانجي ڳوٺ جهڙا آهن ۽ ڪهڙين ڳالهين ۾ ٻيءَ طرح آهن؟ موٽي اچي اُهي ڳوٺ ۽ واه وغيره نقشي تي به ڏيکارجن. اهڙيءَ طرح سڀ تعلقي جو احوال سيکاري وڃجي.

جن اڻ ڏٺل شهرن ۽ ملڪن جو احوال ڏيٺو هجي تن جي پنهنجي ڳوٺ ۽ ملڪ سان ڀيٽ ڪرڻ گهرجي ۽ جا شيءِ ڇوڪرن نه ڏٺي هجي سا ڪنهن ڏٺل شيءِ سان ڀيٽ ڪري سمجهائجي مثلن ڇوڪرن جبل ڪو نه ڏٺو هجي ته ڪين پٿرن جا قسم ڏيکارجن ۽ ڪو دڙو ۽ بند به ڏيکارجي پوءِ ڪين سمجهائجي ته جبل اهڙن پٿرن جا دڙا يا قطارون آهن پر اُهي پٿر ننڍڙا به آهن ۽ تمام وڏا به آهن، اُهي دڙا يا قطارون اُتاهين ۽ ۾ ايترو وڏا آهن جيترو اسان جي ڳوٺ کان فلاڻو ڳوٺ.

ڍنڍ سيکارڻي هجي ته ڳوٺ جي ڪڏ ڏيکاري چئجي ته ڍنڍ هن ڪڏ وانگر ٿي ٿئي، پر هيءَ ڪڏ ننڍي آهي هوءَ ڍنڍ هيترو ڊگهي ۽ هيترو ويڪري آهي.

اهڙي طرح درياءُ واهه جي مدد سان سمجهائجي ۽ سمنڊ ڪڏ يا ڍنڍ جي مدد سان. راسيون، ناريون، ڀيٽ وغيره به ننڍين ڪڏن ۾ گهٽيو نئي آهن. مگر ڇوڪرن کي سمجهائجي ته سمنڊ تمام وڏو آهي تنهن ڪري اُن جون راسيون ۽ ناريون وغيره به تمام وڏيون آهن.

جڏهن جڏهن ڪو چڱو موقعو هٿ اچي، تڏهن اُهو موقعو ڪم آڻي تعليم ڏبي ته وڌيڪ مؤثر ٿيندي. مثلن ڪو ڇوڪرو يا ماستر ٻاهر پري (گهٽو يا ٽورو) وڃڻو هجي ته ڪيس چئجي ته جيڪي ڏسين وائسين سو لکي يا ياد ڪري اچجانءِ ۽ پوءِ اچي ڪلاس ۾ ٻڌائجانءِ ۽ جيڪي نيون شيون ڏسين تن جو نمونو آڻجان. پوءِ جڏهن هو ڪلاس ۾ بيان ڪري ته مان هتان روانو ٿي فلاڻي طرف ويس ته هيتري پنڌ کان پوءِ فلاڻي ڳوٺ يا واهه يا ڍنڍ ڏٺم ته ٻين ڇوڪرن کي چئجي ته هاڻي نقشي تي ڏيکاريندا وڃو ته ڪهڙي طرف مسافري ڪيائين ۽ اُهو ڳوٺ يا واهه يا ڍنڍ ڏيکاريو. اهڙي طرح سڀ مسافري نقشي تي ڏيکاري وڃجي ۽ جيڪي ٻيون ڳالهيون پون هنڌن ۽ ماڻهن جون ٻڌائي تن مان مکيه ڳالهيون ڇوڪرن کي ذهن نشين ڪرائجن. جيڪي ئي شيون ڪم آڻيون ٿا تن جو مناسب موقع سان احوال ڏجي ته هي فلاڻي ڳوٺ يا ملڪ ۾ ٿينديون آهن يا فلاڻي هنڌ نهنديون آهن.

جاگرافيءَ ۾ هڪ تمام ضروري ڳالهه هيءَ آهي ته سبب مان نتيجا ڪيجن مثلن جتي زمين هيٺاهين هوندي تتي پاڻي گهڻو هوندو ۽ پاڻي گهڻو هوندو ته سارين جي پوک ٿيندي هوندي ۽ مڇر به گهڻا هوندا مليريا جو تپ به ٿيندو هوندو وغيره وغيره.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

دستور موجب گفتگو جي وسيلي ڏنل شين يا ڳالهين تي سوال ڪري اڳتي هلجي. مثلن پوليس ڪاتي بابت سيکارڻو هجي ته چڱو انهيءَ ۾ آهي ته اهو موقعو نه وڃائجي جو جڏهن ڪا سچ پچ چوري ٿي هجي. نه ته چوڪرن کان پڇجي ته ڪنهنجي به ڪڏهن چوري ٿي آهي؟ جنهن ماڻهوءَ جي چوري ٿي تنهن ڇا ڪيو؟ چوري ٿئي ته ڇا ڪرڻ گهرجي؟ پوليس جو ماڻهو ڪو ڏٺو اٿوَ؟ ڪهڙا ڪهڙا پوليس وارا ڏٺا اٿو وغيره وغيره؟

هي ڳالهه به ياد رکڻ گهرجي ته سڀ اسڪولي ڪم دنيا ۾ ان جي روزمره جي ڳالهين ۾ ڪمن سان تعلق رکندڙ آهن، تنهن ڪري جيڪي نصحيتون ۾ انساني فرض آهن سي سڀ اسڪولي ڪمن سيکارڻ وقت انهن سان شامل ڪرڻ گهرجن.

*(ملا مخزن نومبر 1934ع)*


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ پاڳي پائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# تعلقي جي جاگرافي

تعلقي جي جاگرافي ٻئي درجي ۾ پاڙهبي آهي، پهرئين درجي ۾ فقط اسڪول جي جاءِ جو نقشو ڪڍڻ سيکاربو آهي. مگر ماستر اهو نقشو ڪڍڻ اهڙي طرح نه سيکاريندا آهن جو شاگرد ڪنهن ساديءَ جاءِ جو نقشو ڪڍي وجن. ماستر ڇا ڪندا آهن جو اسڪول جي بورڊ تي اسڪول جي جاءِ جو نقشو ڪڍي شاگردن کان نقل ڪرائي پڪو ڪرائي ڇڏيندا آهن. انهيءَ مان گهڻو فائدو ڪون ٿو نڪري، نقشو ڪڍڻ هيئن سيکارجي:-

پهريائين چورس زمين جو ٽڪر يا ڪوٺي ڏيکاري انهيءَ جو نقشو ڪيرائجي ۽ طرف وجهارائجن. تنهن کان پوءِ درين ۽ درن جا نشان ڪيرائجن، وري ان سان لاڳو ٻئي ڪلاس جو نقشو ڪيرائجي، اهڙي طرح ڪنهن به ڪوٺيءَ جو نقشو ڪڍڻ اچي وڃين ته پوءِ وراندو به شامل ڪجي ۽ پوءِ آزمائش ڪري ڏسجي ته ٻين سادين جاين جو به نقشو ڪڍي سگهن ٿا يا نه.

## درجو ٻيو

ٻئي درجي ۾ پهريائين ڳوٺ جو نقشو ڪيارائجي. ڪنهن وڏيءَ جاءِ تي چڙهي يا ڳوٺ جي چوڌاري ڦري نقشو ڪيندو وڃجي ۽ سنڌا وجهبا وڃجن. پوءِ ڳوٺ جون مکيه گهٽيون نشان ڪجن پوءِ رستا جي ان ڳوٺ کان ٻين ڳوٺن ڏانهن وڃن ٿا تن جو نشان ڪجي. نقشي تي طرف لکارائجن پوءِ اهو نقشو پٽ تي اهڙي طرح ٽنگائجي جئين اتر مٿيئن پاسي ٿئي. ڇوڪرن کان پڇجي ته ڏکڻ کهڙي پاسي آهي؟ اوير ۽ اولهه کهڙي پاسي ٿو ٿئي؟ ائين ٻين نقشن جي آزمائش وٺي شاگردن کان ئي نتيجو ڪيرائجي، جئين پاڻ چئي سگهن ته نقشي جو مٿيون پاسو ٿيو اُتر ۽ هيٺيون ڏکڻ، سڄي هٿ وارو اوير ۽ کٻي هٿ وارو اولهه. پوءِ ڪنهن به ڇپيل نقشي تي ڪانئن پڇجي ته هن ملڪ (مثلن) سنڌ جي اتر ۾ ڇا آهي؟ اولهه ۾ ڇا آهي وغيره وغيره. پوءِ نقشي ۾ ڪي ٻه ٻه ڳوٺ ڏيکاري پڇجي ته هي ڳوٺ هن ڳوٺ کان ڪهڙي طرف آهي يا هن ٽپي جي اوير ۾ ڪهڙو ٽپو آهي؟ هيءَ واهه جيڪو هيئن ٿو وهي سو ڪهڙي طرف کان ۽ ڪاڏي ٿو وڃي وغيره.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

## ڳوٺ جي جاگرافي

پوءِ ڳوٺ جي جاگرافي پڇجي. ڳوٺ ڪيڏو وڏو آهي؟ منجهس ڇا ڇا آهي؟ گهر اٽڪل ڪيترا ٿيندا؟ ماڻهو ڪيترا ٿيندا؟ ڇا ڇا ڪندا آهن؟ ڳوٺ جي پرسان ڪهڙي آبادي آهي ۽ ڪيئن ٿي ٿئي ۽ ڪهڙن واهن تي؟ اهي واهه ڪهڙي طرف آهن؟ نقشي تي ڏسو تہ انهيءَ طرف اهي واهہ برابر لکيل ۽ نشان ڪيل آهن يا نہ.

هن ڳوٺ کان رستا ڪاڏي ڪاڏي وڃن ٿا ۽ ڪهڙي طرف، اهي نقشي تي بہ ڏيکاريو ۽ ڏسو تہ برابر انهن طرفن تي نڪرن ٿا ۽ ڏسي ٻڌايو تہ ڪهڙن ڳوٺن ڏانهن وڃن ٿا. جيڪي ماڻهو هٽ واپار ڪن ٿا سي هتان ڪهڙيون شيون ٻاهر ڪٽي ويندا آهن ۽ ڪهڙيون آڻيندا آهن؟ ڪاڏي ڪٽي ويندا آهن ۽ ڪٿان آڻيندا آهن؟

## ڍل

جن ماڻهن کي زمين هوندي آهي سي سرڪار کي ڇا ڏيندا آهن؟ جواب، ڍل! ڍل ڪنهن کي ڏبي آهي. جواب تپدار کي. تپدار ڏٺو اٿو؟ اهو نہ رڳو هن ڳوٺ جي زميندارن کان ڍل وٺندو آهي پر ٻين ويجهن ڳوٺن جي زميندارن کان بہ وٺندو آهي. هيڏي فلاڻي ڳوٺ يا رستي يا واهہ تائين، هوڏي فلاڻي حد تائين وغيره وغيره. هاڻي نقشي تي بہ ڏيکاريو تہ هتان جو تپيدار ڪهڙي پاڳي مان ڍل وٺندو آهي؟ اهڙي پاڳي کي تپو چئبو آهي. نقشي تي ڏسي ٻڌايو تہ هن تپي ۾ ڪهڙا ڪهڙا ڳوٺ آهن؟ اهي ڳوٺ اسان جي ڳوٺ جي ڪهڙي طرف آهن. مطلب تہ شاگردن کي ذهن نشين پوري طرح ڪرائجي تہ جي ڳوٺ واهہ وغيره اکين سان ڏسون ٿا، سي پوريءَ طرح نقشي تي بہ ڏيکاريل آهن. تنهن ڪري جي ملڪ اسان اکين سان نہ ڏٺا آهن تن جي بہ گهڻي خبر نقشن جي وسيلي پئجي سگهي ٿي.

## تپن جا سنڌا

نقشي تي ڏسي ٻڌايو تہ هن تپي جي اتر ۾ ڪهڙو تپو آهي؟ ۽ اوڀر ۽ اولهہ ۽ ڏکڻ ۾ ڇا ڇا آهي يا ڪهڙو تپو آهي؟

## سپروائزنگ تپيدار ۽ تپيدار تي رکيل ڪم

تپيدارن جي مٿان سپروائزنگ تپيدار آهي جو انهن جي مٿان نظر ڪندو آهي ۽ زمين جي سنڀال بہ ڪندو آهي.

## مختيارڪار صاحب تي رکيل ڪم

تپيدارن ۽ سپروائزنگ تپيدارن جي مٿان وري مختيارڪار صاحب هوندو آهي.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

اهو ڪڏهن ڏنو اٿو؟ اهو وڏو آفيسر آهي. زمين جو ڪم ته سنڀالي ٿو پر فيصلا به نبيري ٿو. ماڻهو پاڻ ۾ وڙهڻ يا ڪا چوري ڪئي ته پوءِ ڏوهه ڪندڙ کي سزا ڏيندو آهي. هيءَ سچو تعلقو مختيارڪار صاحب جي هٿ هيٺ آهي.

## تعلقه جا سنڌا

ٻڌايو ته هن تعلقي جي اتر ۾ ڇا آهي؟ ڏکڻ ۾ ڇا آهي وغيره؟ ٻارؤ! توهان ڳوٺ جو احوال ته پاڻهي ٻڌايو ٿا جو ڏٺو اٿو، پر ٻين ڳوٺن يا ملڪن جي خبر ڪيئن پوي؟ جواب! هائو سائين! مان فلاڻي ڳوٺ ويو هوس. ڪهڙو رستو وٺي ڪهڙي طرف ويو هئين؟ اوهين ٻيا ڇوڪرا اهو رستو نقشي تي ڏيکاريو ۽ ڏسو ته اهو ڳوٺ برابر انهيءَ طرف آهي؟ جواب هائو سائين اجهو هي آهي. ٻڌايو ته واٽ تي ڪهڙا واهه ۽ ڪهڙا ڳوٺ وغيره آهن ۽ آبادي ڪهڙي ڏٺوَ؟ ٻارو، ڏسو ته جيڪي هي چوي ٿو سو نقشي مان به پيو معلوم ٿئي. جيڪي نقشي مان معلوم نٿو ٿئي سو وري جاگرافيءَ جي ڪتابن مان معلوم پيو ٿئي. ٻئي درجي ۾ توهان کي پنهنجي تعلقو جي جاگرافي سکڻي آهي. مثال لاءِ ميهڙ تعلقي تا وٺون.

اوپر واري حد وٽ ڇا اٿس؟ جواب سڌوندي. سنڌوندي ڏٺي اٿوَ؟ چي نه. درياءُ ڏٺو اٿوَ؟ يا ماڻهن کان ٻڌو اٿوَ؟ چي هائو. سنڌو ندي انهيءَ درياءُ کي چئبو آهي. هي واهه ڪٿان ٿا پاڻي آڻين؟ چي درياءُ مان. زمين تي پاڻيءَ جو گلاس هاري پوءِ پڇجي ته انهيءَ پاسي پاڻي وهي ڇو هليو؟ جواب انهيءَ پاسي هيٺاهين آهي. پوءِ نقشي تي ڏيکاريو ته واهه درياءُ مان نڪري ڪهڙي طرف وڃن ٿا؟ چوندا اتر کان ڏکڻ ۽ ڪي اولهه ۽ ڪي ڏکڻ. انهي ياڳي ۾ ٻيلا به آهن. انهن ۾ گاهه گهڻو ٿيندو آهي ۽ مال ڪائي متارو ٿيندو آهي ۽ ڪير مکڻ ججهو ٿيندو آهي: انهيءَ ملڪ کي ڪچو سڏيندا آهن.

## پتڻ

درياءَ جي پرينءَ پر نوشهرو ۽ ڪنديارو تعلقا آهن. پرينءَ پر وڃڻ لاءِ هن ملڪ ۾ ٽن هنڌن ٻيڙيون بيٺل آهن. (1) نئون ڳوٺ (2) ناري (3) تگر. جنهن هنڌ ٻيڙي درياءَ جي آرپار ايندي ويندي آهي، تنهن هنڌ کي پتڻ چئبو آهي. درياءَ ۾ پَلا به ٿيندا آهن.

## وچولو يا پڪو ياڱو

بندن کان ڏنڍن تائين جيڪو واهن وارو ياڱو آهي، تنهن کي پڪو سڏيندا آهن. ان ۾ سپ پوکون ٿينديون آهن هن تعلقه جو ڪجهه ياڱو دادو ڪئنال ۾ جوهي شاخ تي آباد ٿئي ٿو، تنهن ۾ ساريون گهڻيون ٿينديون آهن. ان ملڪ کي مئل به سڏيندا آهن.

## ڍنڍن مان ڇا نڪرندو آهي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڍنڍن ۾ مڇي مرندي آهي. پبڻ ۽ پهبيه پڻ نڪرندا آهن. ۽ ڍنڍ تي پڻ نار چاڙهي آبادي ڪئي ويندي آهي.

## ڪاڇو ياڱو

نيئن واري ياڱي کي ڪاڇو سڏيندا آهن. ان ۾ جوئر تمام ڀلي ٿيندي آهي. پر بعضي ٻه ٽي سال لاڳيتو مينهن ڪونه پوندو آهي. ٻيو ماڻهو لهي پڪي ايندا آهن هينئر سڄو ڪاڇو بئراج جي واهن نڪرڻ ڪري آباد آهي.

## درياءَ مان کهڙا واهه نڪرن ٿا

انهيءَ مان گهٽائي ننڍا ننڍا واهه نڪرن ٿا جيئن ته (1) ڏامراهو (2) گل محمد (3) راڄ واهه (4) ڪڪول واهه

## رستا

اسان جي تعلقي مان ريل گاڏي لنگهي ٿي جنهن جون ٻه اسٽيشنون آهن (1) راڏڻ (2) بالي شاهه.

## اسٽيشن ڇا کي چئجي

جنهن هنڌ ريل گاڏي ٿورو وقت اچي بيهي ماڻهو توڙي مال لهي ۽ چڙهي انهيءَ هنڌ کي اسٽيشن چئبو آهي.

## رستا

رستا بلڪل گهٽا آهن جي سرڪار ٺهرايا آهن. ۽ جتي جتي اهي رستا واهن کي ڪپين ٿا، اتي پليون ٺهيل آهن جنهن ڪري اسان کي هيڏي هوڏي وڃڻ ۾ گهڻو سهنج ٿي پيو آهي.

درياءَ ۾ ٻيڙيون پڻ واپار جون شيون ڪٽي پري پري وڃن ٿيون.

## پوليس ڪاتو

چورن ۽ ڌاڙيلن کي پڪڙڻ لاءِ ۽ رعيت جي سنڀال ڪرڻ لاءِ سرڪار پوليس مقرر ڪئي آهي. هن تعلقي جو مکيه عملدار سب انسپيڪٽر يا صوبيدار صاحب آهي. ڪيترن ڳوٺن ۾ پوليس جا ٿاڻا آهن. جيڪڏهن ڪنهن به ماڻهو جي چوري ٿئي ته ويجهي ٿاڻي ۾ هڪدم وڃي رپورٽ ڪري ته انهيءَ جي جاچ ٿيندي.

## ڍڪ


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ پاڳي پائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

جيڪڏهن ڪنهن به ماڻهو جو ڏڳو يا ٻڪري وغيره اوهان جي پوک ۾ اچي پوي ته ڇا ڪندو؟ ان کي وڃي سرڪاري ڏک ۾ وجهبو. ڏک منشيءَ کان ڏک جي رسيد لکائي وٺبي. پوءِ ان ڏڳي جو مالڪ ڏک منشيءَ کي ڏنڊ جا پئسا ڏيئي ۽ ڏڳو موٽائي وٺندو ۽ وري اڳتي پنهنجن ڏڳن کي پراين پوکن ۾ پوڻ نه ڏيندو. ڏک سرڪار انهي لاءِ ڪيا آهن ته پوکن جي سلامتي رهي ۽ رولو ڏڳن کي به ڏک ۾ وجهڻ گهرجي اگرچه اهي پوک ۾ به نه پيا هجن.

(اسڪول) هن تعلقه ۾ انگريزي اسڪول هڪ ميهڙ منجهه آهي ۽ ٻيا سنڌي اسڪول اٽڪل 25 ڳوٺن ۾ آهن. تن کان سواءِ ڪن ڳوٺن ۾ ملن جا مڪتب به آهن. اسڪول هن واسطي آهن ته ٻار پڙهي سياڻا ٿين ۽ وڏي هوندي چڱو گذران ڪري سگهن ۽ چڱا ڪم ڪن.

## انجنيئري ڪاتو

واهن جي سنڀال انجنيري ڪاتي وارا ڪندا آهن. ننڍا عملدار اسٽنٽ انجنيئر، سروير ۽ داروغا آهن.

## ميهڙ شهر جو مختصر احوال

هن تعلقي ۾ سيني کان وڏو ڳوٺ ميهڙ آهي جتي ريزيڊنٽ مئجسٽريٽ آهي. جنهن ۾ فقط فوجداري ڪيس نبيربا آهن. مختيارڪار صاحب جي آفيس ۽ سول ڪورٽ به آهي، جنهن ۾ سب جج صاحب قرضن ۽ ملڪيت جا تڪرار نبيريندو آهي. هتي پوسٽ آفيس آهي جيڪا ماڻهن کي خطن پهچائي ڏيڻ جو بندوبست رکي ٿي ۽ انهيءَ پوسٽ آفيس ۾ تار به رکيل آهي. هن ڳوٺ جي پرسان مينديءَ جي پوک گهڻي ٿيندي آهي.

نوٽ:- هي ڳالهيون چڱيءَ طرح سوالن جي رستي سمجهائڻ گهرجن ۽ ٿي سگهي ته بورڊ تي نقشو ڪڍي انهيءَ تي سبق سمجهائجي. گهڻو احوال ۽ گهڻا نالا ڄاڻي واڻي ڪو نه ڏنا ويا آهن جو ننڍن ٻارن تي حافظي جو بوجهه جيئن گهٽ تيئن چڱو، انهيءَ ڪري گهڻن واهن جا نالا يا ڍنڍن جا نالا يا ٽپن جا نالا ڏڪن، اسڪولن ۽ ٿاڻن جا نالا ياد ڪرائڻ چڱا نه آهن. شايد ڪي ناظرين چوندا ته هن جاگرافيءَ ۾ گهٽيون مڪيه ڳالهيون ڇڏيل آهن. منهنجو خيال آهي ته ٻئي درجي تي جيترو بوجهه گهٽ وجهبو اوترو چڱو. رهيل ڳالهيون ٽيئن درجي ۾ سيکارجن.

پوليس ڪاتي کان وٺي جيڪو بيان هتي ڏنل آهي سو به منهنجي خيال ۾ ٻارن جي سمجهه کان ٻاهر آهي. معلمن کي گهرجي ته جيڪي سمجهائي سگهن سو سمجهائين ٻيو ڇڏي ڏين. نه سمجهڻ ۽ طوطي وانگر ياد ڪرڻ ڏاڍو خراب آهي. *(ملا مخزن ڊسمبر 1934ع)*


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# تعليم جي اهميت

اسان هن مخزن ۾ شروعات کان وٺي جيڪي مضمون تعليم ۽ نسبت ڏنا آهن تن ۾ پهريائين ڏيکاريل آهي ته تعليم جو مقصد آهي الله تعاليٰ جي عبادت يا حڪمن جي فرمانبرداري. اها عبادت تڏهن ڪري سگهجي ٿي جڏهن انسان جون بدني، اخلاقي، دماغي ۽ روحاني طاقتون سالم هونديون. انسان جيڪڏهن تندرست ناهي ته ڪجهه ٻه ڪري نٿو سگهي. انهن مضمونن ۾ اخلاقن جي اشد ضرورت پڻ سمجهائي ويئي آهي. تنهنڪري استاد جو پهريون فرض آهي شاگردن جي تندرستي تي نظر رکڻ ۽ سندن اخلاق سڌارڻ. اخلاقن سڌارڻ لاءِ پهرين ضروري ڳالهه اها آهي ته استاد پاڻ ديندار ۽ نيڪ افعال هجي ۽ ٻي ضروري ڳالهه آهي ته شاگردن کي ديني عقيدا ۽ خدائي حڪم ٻڌائي.

چڱي تعليم ڏيڻ لاءِ سڀ کان ضروري ڳالهه آهي ته استاد ۾ هيٺيان گڻ ضرور هئڻ گهرجن. اشرافت، محنت، علميت، خوش خلقيت ۽ ٻارن لاءِ پيار. ٻي ضروري ڳالهه آهي صفا روشن ۽ هوا دار جاءِ جو هئڻ. ٽين ضروري ڳالهه آهي سامان هئڻ ۽ چوٿين آهي چڱو ضابطو ۽ انتظام. انتظام ۽ ضابطو لاءِ وقت جي پابندي جي ضرورت آهي. اسڪول مقرر ڪيل وقت تي کولجي ۽ مقرر ڪيل وقت تي بند ڪجي. ٻنهي وقتن تي گهنٽي هڻڻ گهرجي. پڙهائڻ جو سڀ ڪم مقرر ڪيل ٽائيم ٽيبل موجب ڪرڻ گهرجي.

اهي سڀ ڳالهيون اڳوڻن مضمونن ۾ مفصل طور سمجهايل آهن. ناظرين کي التماس آهي ته اهي ساڳيا مضمون يڪبارگي وري پڙهي ڏسن.

اسان بدني اخلاقي ۽ روحاني طاقتن جو ذڪر ڪري چڪا آهيون، هاڻي اچون ٿا دماغي طاقت تي.

دماغي تعليم جو اهو مقصد ناهي ته شاگردن کي ڪنهن مصنف يا شاعر جي الفاظن يا خيالن سان ٻيري تار ڪري ڇڏي پر جيتري قدر هنن جو حافظو سهي سگهي اوترو بار مٿن وجهي ڇڏجي. سڀ کان بيڪار بلڪ سخت نقصان ڪار تعليم اها آهي جنهن ۾ رڳو ٻين جا چيل الفاظ اهڙيءَ طرح بر زبان يار ڪرائجن (سمجهڻ کان سواءِ)



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

جهڙيءَ طرح چتونءَ کي لفظ چوڻ سيکاربا آهن. ڪيترن ئي مڪتبن ۾ ڏٺو ويو آهي ته نور نامو ڪي ٻار ياد پڙهي ويندا آهن مگر رڳو پهرين سٽ جي معنيٰ به ڪين نه ايندي آهي. ڪانئن پڇبو آهي ته ”آگر“ ڪنهن کي ٿو ڪوٺجي ته ڪين ٻڌائي سگهندا آهن. انهيءَ تعليم مان فائدو ڪهڙو؟ لفظن سان حافظي جي طاقت کي زير بار ڪرڻ ائين آهي جئن متي تي بيڪار ٽڪر ۽ پٿر ڪٽڻ.

انهيءَ ڪان ٿوري بهتر تعليم اها آهي جنهن ۾ شاگردن کي نه رڳو الفاظ پر انهن جو مطلب به سمجهايو وڃي ٿو ۽ هنن کي ڪي ڳالهيون تاريخ جون يا جاگرفي جون يا نصحيت جهڙيون آڪاٽيون سيکاريون ۽ سمجهايون وڃن ٿيون. مگر رڳو واقعا يا معلومات حاصل ڪرڻ يا پراوا خيال هٿ ڪرڻ به ڪو فائدي مند ناهي. اهو به ايئن آهي جئين هٿيارن جو هئڻ، مگر استعمال نه ڪرڻ. جيڪڏهن ڪنهن شاگرد کي سيکارجي ته بندوق ۾ ڪارتوس وجهي گهوڙو چاڙهي بندوق کي ڪلهي ۾ قابو جهلي نشان تي نظر وٺي پوءِ ٽرگر کي چڪ ڏجي ته نڪاءُ ٿي وجي ته ايتري سيکارڻ ۾ شاگرد بندوق هٽڻ سکي پوندو ڇا؟ اهڙيءَ طرح جيڪڏهن معلومات يا پراوا خيال ياد ڪبا ته فقط ياد ڪرڻ مان ڪجهه حاصل ٿيو ڇا؟ نه نه، سچي دماغي تعليم اُها آهي جنهن سان دماغ جي طاقت زور وٺي ۽ غور ۽ ويچار ڪري نتيجن ڪڍڻ جي طاقت پيدا ٿئي ۽ انهيءَ غور ۽ ويچار جي ڪري دل ۽ دماغ تي اهڙو اثر پوي جو دنيا جي ڪاروبار ۾ انهن تي بي تڪليف عمل ڪجي.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# تعليم

(سلسلہ لاءِ ڏسو آڪٽوبر 1921 جي مخزن ۾ ”دماغي تعليم“ تي مضمون) اڳين مضمونن ۾ سمجھايو ويو آهي تہ تعليم رڳو ڪتابن پڙهڻ يا ياد ڪرڻ ڪي نتو چئجي پر اهڙي نوع سان معلومات حاصل ڪرڻ ڪي جو دماغ جي طاقت وڌي ۽ حاصل ڪيل علم ذهن نشين ٿئي ۽ گهرج وقت ان علم ڪي ڪم ۾ آڻي سگهجي. اهڙي طرح تعليم ڏيڻ لاءِ ڪي اصول ڪارگر ڄاتا ويا آهن مثلن:-

(1) اڻ ڏٺل شيءِ جي حقيقت ڏٺل شيءِ جي وسيلي سمجھائڻ. اڪثر معلم ڇا ڪندا آهن جو جاگرفي پڙهائڻ وقت شاگردن ڪي ڍنڍون جبل وغيره ياد ڪرائيندا آهن مگر ڇوڪرن ڪي ايترو بہ ڪين سمجھائيندا آهن تہ ڍنڍون يا جبل آهن ڇا. ڪن ڇوڪرن جبل ڏٺوئي ڪونهي. انهن ڪي هڪ وڏو دڙو ۽ بند ڳوٺ جي نزديڪيءَ ۾ ڏيکارجي ۽ ڪي پٿرن جا نمونا ڏيکارجن، ۽ پوءِ سمجھائجي تہ جبل هن دڙي يا بند وانگر آهي مگر تمام وڏو آهي ۽ پٿرن جو ٺهيل آهي. انهن جي اتاهين ۽ ڊيگهہ بہ انهيءَ نموني ذهن نشين ڪرائجي. اهڙيءَ طرح ڍنڍ، ٻيٽ، راس ۽ نار وغيره بہ ڪنهن ننڍي تلاءُ يا پاڻيءَ واري ٻنيءَ جي وسيلي سيکارجن.

(2) جيڪا نئين حقيقت سيکارجي سا ڪنهن اڳي سکيل حقيقت سان ڳنڍي سيکارجي. مثلن جيڪڏهن شاگردن ڪي معلوم آهي تہ ديڳڙي ۾ پاڻي وجهي هيٺيان باهہ ٻار بي تہ آخر پاڻي سڪي ٻاڦ ٿي ويندو، پر جيڪڏهن ٻاڦ ڪي هڪ ٻئي ٿانو ۾ اماڻبو وجبو ۽ اُن ٿانو ڪي ٿڌو ڪبو تہ اندر ٻاڦ وري پاڻي ٿي پوندي تہ انهيءَ حقيقت مان شاگردن ڪي مينهن جي پوڻ جي حقيقيت سمجھائي سگهبي.

(3) سادي ۽ سولي حقيقت پهريائين سيکارجي مرڪب ۽ ڏکي حقيقت پوءِ سمجھائجي. مثلن جيستائين سادو جوڙ ۽ ڪٽ سيکاريل نہ هوندو تيستائين آنن پاين جو جوڙ ۽ ڪٽ ڪين سيکاري سگهبي، ۽ جيستائين ننڍين رقمن جي جوڙ ڪٽ نہ سيکاربي تيستائين وڏين رقمن جي جوڙ ۽ ڪٽ نہ سيکاري


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ پاڳي پائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

سگهبي. اڪثر ماستر چا ڪندا جو جوڙ سيکارڻ وقت هڪدم سون يا هزارن جا درجا بورڊ تي لکي پوءِ ٻارن کي چوندا آهن تہ هاڻي جوڙ ٽا ڪريون. انهيءَ ڪري ٻار ايترو بہ ڪين سمجهندا آهن تہ جوڙ آهي ڇا. در حقيقت ڇا ڪرڻ گهرجي جو مٽيا يا ٻيون شيون ميز تي رکجن. پوءِ شاگردن کان پڇجي تہ هي 2 مٽيا ملايان تہ ڪل ڪيترا ٿيندا، هي 4 مٽيا ۽ هي 5 مٽيا ملايان تہ ڪل ڪيترا ٿيندا، هي 12 مٽيا ۽ هي 15 مٽيا گڏيان تہ ڪل ڪيترا ٿيندا. اهڙيءَ طرح وڌائيندو وڃجي. 12 ۽ 15 جي حالت ۾ چوڪرن کي جنسي شين جي وسيلي ڳڻائي نتيجو ڪڍرائجي. هو پاڻهي ڳڻي ٻڌائيندا تہ ڪل 25 ٿيندا. وري بورڊ تي لکي ايڪا ايڪن ۾ ملائجن تہ ڏهاڪا ڏهاڪن ۾. انهيءَ مان بہ چوڪرا پاڻهي سمجهي ويندا تہ 25 ٿيندا.

مٿين ريمارڪن مان پڙهندڙن کي اها ڳالهہ بہ معلوم ٿي هوندي تہ تعليم سوالن يا گفتگو جي نموني سان ڏيڻ گهرجي. سوال پڇڻ هڪ وڏو هنر آهي جو آئينده ڪنهن مضمون ۾ سمجهايو ويندو. هتي رڳو ايترو چوڻ بس آهي تہ سوال سلسليوار مٿين ٽن اصولن موجب پڇڻ گهرجن.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

# پڙهائڻ جو هنر

انگلنڊ، جرمني ۽ آمريڪا ۾ گذريل ويهن سالن ۾ تعليم جي متن ۽ ستن ۾ حيرت انگيز تبديليون ۽ سڌارا ٿي چڪا آهن. هزارين تجربا ڪيا ويا آهن ۽ هزارين ڪتاب ڇپيا آهن، جن ۾ تعليم جا مقصد، متا ۽ اصول، ضابطہ، انتظام ۽ پڙهائڻ جا طريقا بيان ڪيل آهن. هزارين ڪانفرنسون ڪيون ويندون آهن، جن ۾ هر ڪوئي مشهور معلم پنهنجا تجربا بيان ڪندو آهي ۽ پنهنجا طريقا ٻارن کي پاڙهي ڏيکارڻ سان سمجهائيندو آهي.

تعليم جي مقصدن ۽ متن بابت هتي فقط ٿورن لفظن ۾ لکون ٿا. تعليم جو مقصد رڳو اهو ناهي تہ انسان لکڻ، پڙهڻ ۽ ليکو چوکو ڪرڻ سکي. نہ وري رڳو اهو آهي تہ جيڪي ڪتابن ۾ پڙهي، سو ياد ڪندو وڃي: پوءِ اُهي ياد ڪيل ڳالهيون ڪيس دنيا ۾ ڪارائتيون هجن يا نہ، انهن کي چڱيءَ طرح پرُجهي پروڙي اُنهن تي عمل ڪري دنيا ۾ فائدو وٺي يا نہ. تعليم جو سچو مقصد آهي اهڙي واقفيت حاصل ڪرڻ، جا دنيا ۾ ڪارائتي ٿئي. نہ رڳو اهڙي واقفيت حاصل ڪرڻ، پر اُن واقفيت تي عمل ڪرڻ، چڱيون ۽ ڪارائتيون عادتون پرائڻ پڻ تعليم جو خاص مقصد آهي. ٻين لفظن ۾ هيئن چئجي تہ تعليم جو مقصد آهي بدني، دماغي، مالي، اخلاقي ۽ روحاني ترقي. تعليم اهڙيءَ طرح سوالن جي رستي ڏجي، جو شاگرد کي غور ۽ خوض ڪرڻو پوي ۽ دماغ کي ڪم آڻي، خيال ڪرڻ جي طاقت کي زور وٺائي. بلڪ شاگردن کي عملي تربيت ڏجي ۽ جيڪي هنن کي روزمره اٿن ئي پهرن ۾ ڪرڻو آهي، سو اهڙيءَ طرح ڪرائجي جئن ڪرڻ گهرجي. انهيءَ طرح تعليم ڏيڻ سان علم ۽ ڪتابن لاءِ چاهہ پيدا ٿئي ٿو ۽ مطالع مان اهڙو مزو ٿو اچي، جهڙو ٻين ڳالهين مان هرگز نہ ايندو. جنهن کي مطالع ڪرڻ جو شوق ڪونهي، سو گويا اڻ پڙهيل آهي، ڇو تہ جيڪڏهن هن کي علم وٽيو هجي ها ۽ علم پڙهڻ مان مزو اچيس ها تہ وڏيڪ ڪتابن مطالعو ڪرڻ کان ڪيئن رهي سگهي ها. شايد هن کي علم مان مزي اچڻ بدران نفرت ٿي اچي. سنڌ ۾ بہ گهڻا مولوي اهڙا آهن، جي مطالعو بلڪل ڪو نہ ٿا ڪن. ڇئبو تہ هنن کي اسلام جو علم وٽيو تہ ڪو نہ، پر اٿلندو شايد ڪين اُن کان نفرت آئي (نعوذ بالله منها)


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

ارمان جي ڳالهہ آهي جو اسان جا معلم ملاءُ خواه مولوي ڪن صدين کان وٺي ترقي ڪرڻ بدران پنتي هٽندا ويا آهن. انهيءَ ۾ سندن قصور ڪونهي، پر زماني جي گردشن ۽ بيقدريءَ جو نتيجو آهي. هاڻي بہ هو محنت ڪن ٿا، پر پوري رهنمائي نہ هئڻ ڪري سندن گهڻي محنت ضايع ٿي ٿئي. سندن پڙهائي اهڙي آهي، جو ستَ ورهيہ ڪن پارسيءَ تي لڳي ٿا وڃن ۽ اهڙا ست ورهيہ عربي پڙهڻ تي. پوءِ بہ جيڪي ٿورا شاگرد ڪامياب ٿي نڪرن ٿا، سي نہ عربي زبان ڳالهائي ٿا سگهن نہ عربي ۾ خط پٽ لکي ٿا سگهن ۽ نہ وري اڻ پڙهيل عربي ڪتاب يا عربي اخبارون پڙهي ٿا سگهن. ازان سواءِ تعليم چڱيءَ طرح نہ ملڻ ڪري اسلامي تعليم جون خوبيون، فلسفا ۽ فائدا نہ سمجهيا اٿن، جنهن ڪري اسلام جو شوق نہ پاڻ ڪي اٿن نہ ٻين ڪي اسلامي تبليغ ڪرڻ جو چاهہ يا قابليت اٿن، بلڪ هو اسلامي ڪتابن جو پڙهڻ ئي ڇڏي ٿا ڏين. اهڙا ماڻهو جي مطالعو ڪان پري ٿا ڀڄن، سي اڻ پڙهيل آهن بلڪ اڻ پڙهيلن کان بہ بدتر.

ڏنو ويو آهي تہ پارسي پڙهائڻ ۾ مولوي سڀي سٽ جي معنيٰ ٻڌائن ٿا، جا شاگرد طوطي وانگر ياد ڪري ٿو ڇڏي، مگر ان سٽ جي ڌار ڌار لفظن جي معنيٰ کان ٿي اڄيس. اُستاد سٽ پڙهائيندو ۽ اُن جي معنيٰ ياد ڪرائيندو ٿو وڃي. مگر طالب علم نڪي پارسي زبان ٿو سکي، نڪي پڙهيل سٽن جو مطلب ٿو پروڙي ۽ سمجهي. بهتر ائين آهي تہ پهريائين سوليون آڪاڻيون نثر ۾ پاڙهجن، هر هڪ لفظ جي معنيٰ ٻڌائجي، پوءِ سڄي جملي جي معنيٰ طالب علم پاڻ ناهي ٻڌائي ۽ مطلب بہ سمجهائجي. ائين ڪرڻ سان طالب علم کي اهو فائدو ٿيندو، جو جيڪي لفظ اڳي سکيل هوندو، تن جي معنيٰ ڪو نہ پڇندو، باقي جيڪڏهن ڪو نئون لفظ جملہ ۾ ايندو تہ رڳو اُنهيءَ نئين لفظ جي معنيٰ پڇندو. رفتہ رفتہ هو گهڻن جملن جي معنيٰ پاڻ ڪڍي ويندو، فقط ڪنهن ڪنهن جملي ۾ ڪنهن نئين لفظ جي معنيٰ پڇڻي پونديس يا لغت ۾ ڏسندو. تنهن کان سواءِ پهريائين سليس سنڌي جملا ڏجن، جن جو ترجمو پارسيءَ ۾ طالبعلم ڪن. رفتہ رفتہ ڏکيا جملا، آکاڻيون، خط ۽ مضمون پارسيءَ ۾ لکي ويندا. ازان سواءِ پارسيءَ ۾ گفتگو ڪرڻ ۽ تقرير ڏيڻ جو استعمال بہ ڪرائجي.

اهڙي طرح عربيءَ ۾ صرف ۽ نحو جي ياد ڪرائڻ تي تمام گهڻي محنت ڪئي ٿي وڃي. بهتر ائين آهي تہ شروعات ۾ ئي سليس عربي جملا ۽ آکاڻيون سيکارجن نحو جا قاعدا انهن جي وسيلي سمجهائجن.

انگليند ۽ ٻين ملڪن ۾ بہ پارسيءَ ۽ عربيءَ سيکارڻ جا مدرسا آهن، اُتي پڙهائي اهڙي قسم جي آهي، جو هڪ يا ٻن سالن ۾ زبان سکي ٿي وڃي ۽ تقرير، تحرير ۽ مطالعو ڪرڻ جي اهڙي طاقت پيدا ٿي وڃي ٿي، جو هو مجلس ۾ ليڪچر ڪري ٿا سگهن، تصنيفون لکي ٿا سگهن ۽ اڻ پڙهيل ڪتاب ۽ اخبارون پڙهي ٿا سگهن.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

مطلب تہ پڙهائي جي هنر جي بہ حد ئي ڪا نہ رهي آهي. جيڪي اسان جا ملا ٻارهن مهينن ۾ سيکاري سگهن ٿا ۽ هندستان جا چڱا معلم ٽن مهينن ۾ سيکاري سگهن ٿا، سو ولايت جا هوشيار ماستر ساڍيو ڪم هڪ مهيني ۾ سيکاري سگهن ٿا. اسان جي معلمن کي اها بہ خبر ڪانهي تہ شاگردن کي باقاعدي قطار ۾ وهارجي ۽ درجي وار شاگرد پاڻ ۾ گڏ وهارجن ۽ هر هڪ درجي جي شاگردن کي گڏي سبق سيکارجي. گڏي سيکارڻ ۾ محنت گهٽ ڪرڻي ٿي پوي. مثلن جيڪڏهن ڪنهن درجہ ۾ ڏهہ شاگرد آهن تہ هر هڪ کي ڌار سبق سيکارڻ ۾ ڏهوڻ محنت ڪرڻي پوندي، پر جيڪڏهن سيني کي گڏي سبق سيکارڻ جي تجويز هوندي تہ ڏهين پتي محنت ڪرڻي پوندي. اگرچہ اسان جي لوڪلبورڊ اسڪولن جا ماستر بہ ڪو پڙهائي جو هنر چڱو ڪو نہ ٿا ڄاڻن تہ بہ ملا اسڪولن جي معلمن کي بہ گهرجي تہ سندن پڙهائي جا طريقا ڏسن ۽ ڪائئن پڇن. ائين ڪرڻ سان بہ ڪجهہ نہ ڪجهہ ترقي ٿي پوندي.

_(ملا مخزن فبروري 1931ع)_


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# ٻاراڻن ڪلاس بابت ڏنل هدايتن جو انتخاب

ٻاراڻو درجو جنهن کي سچي تعليم يعني سنڌي ستن ئي درجن جو بنياد چئجي ٿو، سو گويا پاڙ ۽ مٿيان درجا انجي عمارت آهن. تنهن ڪري ان جي خاطر خواه پڙهائي بلڪل ضروري آهي. جيڪڏهن عمارت جي پاڙ چڱي طرح پڪي ٻڌل نه هوندي يا ڪچي هوندي تہ اُها عمارت گهڻو وقت جٽاءُ نه ڪندي ۽ شايد ڪنهن وقت ڊهي پوندي. جڏهن ڪو شاگرد چار يا پنج درجا پڙهي اسڪول مان نڪري وڃي پنهنجي ڪاشتگاريءَ جو ڪم ڪندو آهي، تڏهن ٻن چئن سالن کان پوءِ هو پنهنجا پڙهيل ڪم وساري ڇڏيندو آهي ۽ سندس اسڪول ۾ صرف ڪيل حياتي بيڪار ٿي پوندي آهي، ايتري قدر جو خط پٽ لکڻ پڙهڻ تہ ٺهيو پر صورتخطيءَ جا لفظ جي عام طرح ڳالهائڻ ۾ پيا اچن سي بہ لکڻ وسري ويندا اٿس. ويچار ڪريو تہ ان جو سبب ڪهڙو هوندو؟ ان جو اهو ئي سبب آهي جو سندس بنياد ٻڌل نہ هو. انهن دردناڪ خامين کي دور ڪرڻ ۽ خلق جي بهبود ۽ ترقي لاءِ مسٽر علي خان ڊيپوٽي ايديو ڪيشنل انسپيڪٽر صاحب ملا اسڪولس لاڙڪاڻي جن جيڪا همت افزائي ڪئي آهي سا پڙهڻ جوڳي آهي ۽ ضرور پڙهڻ گهرجي. يعني جنهن وقت کان وٽي هيءُ صاحب تعليم ڪاتي آيو تنهن وقت کان وٺي تعليم جي ترقي جي باري ۾ ڪيترين ئي ڪانفرنسون ڪرڻ فرمايون اٿس، تڏهن بہ ڏسجي ٿو اهو پڙهائيءَ جو ڍنگ ڪن ٿورن ماسٽر صاحبن ۽ هيڊ معلم صاحبن ۾ آهي نہ تہ گهڻن کي مشڪل ٿو لڳي، تنهن ڪري مان وري بہ سيني هيڊ معلم صاحبن ۽ ماسٽر صاحبن کي واقف ٿو ڪريان.

شروعات ۾ جيڪي بہ شاگرد ٻاراڻي ڪلاس ۾ تيار ڪرڻا هجن، تن کي الف ب هينئين نموني سيکارڻ گهرجي:-

سيني شاگردن کي سليٽون، قلم ڪٽائي بورڊ جي سامهون ٻهار جي ۽ بورڊ تي هڪ ليڪ سڌي چاڪ سان ڪڍجي ان ليڪ تي پهريائين قاعدي موجب الف ڪڍجي ۽ پوءِ شاگردن کي چئجي تہ جيئن مون لکيو آهي تئين اوهين بہ سليٽ تي لکو. پوءِ هو اهڙيءَ طرح سليٽ تي معلم جي هدايت موجب اهو اکر لکن پوءِ ٻارن کي ٻڌائڻ


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

گھرجي تہ اهو جو مون بورڊ تي اکر لکيو آهي ۽ اوهان کان بہ لکايو اٿم ان جو نالو آهي الف، ۽ سيني کان اهو نالو چورائجي اهڙيءَ طرح وري بورڊ تي بہ لکجي ۽ پڻ ساڳيءَ ريت شاگردن کان بہ لکائجي ۽ ان اکر جو نالو ٻڌائي شاگردن کي بہ سڃاڻائجي. انهيءَ ترتيب سان بورڊ جي وسيلي سڄي الف ب سيکارجي، جنهن ڪري شاگرد لکڻ ۽ پڙهڻ گڏ سکندا رهندا ۽ الف ب بہ سڃاڻي سگھندا. وڌيڪ تسليٰ ۽ پڪائي لاءِ هڪ تختي الف ب جي ٺاهجي جنهن ۾ وچواري اکر لکيل هجن، جيئن تہ ج، س، ڙ، ڪ، ي، پ، ڏ، ا، ط، وغيره وغيره پوءِ ان تختيءَ تان ٻارن کان سوال پڇجن تہ فلاڻو اکر ڏيکاريو، ائين ڪرڻ سان ٻارن کي جهٽ پٽ اکر پڪا ٿي ويندا. تنهن کان پوءِ ٻارن کي اُچارن يا آوازن جو استعمال ڪرائجي پر آوازن جو استعمال اهڙو هجي جو شاگرد سيکنهن اکر جا آواز ڪڍي سگهن ۽ ڏنل آوازن مان اکر سڄو ڪري سگهن. پوءِ ڪٽي لفظ ۾ پنج يا ڇهہ آواز هجن. اُچارن سيکارڻ ۾ جيڪو بہ وقت لڳي سو ڀل لڳي پر ڪڪ هرگز نہ ٿيڻ گھرجي. تنهن کان پوءِ اَ اِ اُ آ. جي فرحي شروع ڪرائجي پر هجي پاڙهڻ نہ گھرجي سمورو ڪم اُچارن تي منحصر هئڻ گھرجي ۽ ڏنل زبر - زير - پيش - ۽ مد جا نالا شاگردن کي سڃاڻائجن. جڏهن بَ بِ بُ يا ٿائين پڙهائي رهجي، تڏهن انهن اکرن اندر ٺهيل لفظ سيکارجن. جيڪڏهن شاگردن کي اُچار اڳيئي سيکاريل آهن تہ پوءِ بنا تڪليف جي اکر بلڪ لفظ بہ سڃاڻي سگهندا، جئن تہ الف کي زبر ڏيئي ٻارن کان پڇبو تہ هيءُ اکر ڇا لکيو اٿم؟ چوندا تہ اَ، پوءِ وري ب کي پويان الف ڏيئي پڇبو تہ چوندا تہ اهو آهي با، پوءِ جنهن صورت ۾ اُچار سکيل هوندا تنهن صورت ۾ ٻئي اکر بہ ٽي دفعا گڏي چوڻ کانپوءِ چوندا تہ اهو آهي "ابا." اهڙيءَ طرح آب - بابا - اَپ - باب، وغيره پاڻيهي سڃاڻي سگهندا. تنهن کان پوءِ سڄي فرحي اهڙن مثالن ۾ لفظن سڃاڻڻ سان پڙهائي وڃي. پوءِ او- اي جي فرحي پڻ آوازن جي رستي پڙهائڻ گھرجي ۽ ان جو استعمال بہ مٿي ڏيکاريل اَ اِ اُ آ واري فرحيءَ جهڙو هئڻ گھرجي ۽ پاڙهڻ وقت ان مان ٺهيل لفظن جو استعمال ڪرڻ گھرجي جيئن تہ اَبو - اَٽو - بوٽ - ٻي ٻي - وغيره وغيره.

پوءِ ٻنهي قسم جي پڙهيل فرحين مان ٺهيل لفظن جو خوب استعمال ڪرائي ڪتاب شروع ڪجي.

منهنجي آزمائش آهي تہ اهڙي سٽي استعمال کان پوءِ شاگرد ڪتاب جا سبق پاڻيهي پڙهي ويندا آهن ۽ کهڙو بہ اڻ پڙهيل اکر اُچارن جي رستي لکي ويندا آهن تنهن کان پوءِ انگ هيٺينءَ ريت سيکارڻ گھرجن:-

جن شاگردن کي انگ سيکارڻا هجن تن کي قطار ڪري بورڊ جي سامهون ٻهارجي ۽ انگن سيکارڻ وقت تيليون موجود هجن ۽ پڻ سليٽ قلم شاگردن کي هٿ ۾ هجي، پوءِ هڪ تيلي ڪڍي ٻارن کان پڇڻ گھرجي تہ هي گهٽيون تيليون آهن؟


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

چوندا ته هڪ. پوءِ بورڊ تي هڪ جو انگ ٻارن کي لکي ڏيکارجي ۽ ٻڌائجين ته هڪ هيئن لکبو آهي ۽ اوهين به سليٽ تي لکو. وري ٻي تيلي به شامل ڪري پڇڻ گهرجي ته هيءَ گهٽيون تيليون آهن؟ چوندا ته ٻه، وري ٻن جو انگ بورڊ تي لکجي ۽ ٻارن کان به لکائجي. ٻارن کي ٻڌائجي ته هر هڪ تيليءَ جو نالو آهي ايڪو. تنهنڪري هڪ تيليءَ کي هڪ ايڪو ٻن کي 2 ايڪا ۽ 3 کي ٽي ايڪا چئبو آهي.

اهڙيءَ ريت پنجن ڇهن انگن سيکارڻ وقت ان سان جوڙ ڪٽ به سيکارڻ شامل ڪجي يعني ڇهه تيليون ڪڍي ٻارن کان پڇڻ گهرجي ته هيءُ گهٽيون تيليون آهن؟ چوندا ته ڇهه آهن، پوءِ انهن مان ٻه تيليون ڪڍي پڇڻ گهرجي ته هاڻي گهٽيون تيليون ٿيون؟ اهڙي ريت ٽي تيليون ڪڍي يا ٻه تيليون وجهي مٽ سٽ ڪري سيکاريل ڇهن اندر جوڙ ڪٽ جو نمونو استعمال ڪرائجي. جڏهن 9 تائين سيکاري رهجي ۽ 10 جو انگ سيکارجي تڏهن 10 تيليون گڏي ٻڌجن. پوءِ شاگردن کان پڇجي ته هن ۾ گهٽا ايڪا آهن؟ ٻار ٻڌائيندا ته 10 ايڪا آهن، اتي ٻڌائڻ گهرجي ته 10 ايڪن کي گڏي ڏهاڪو چئبو آهي، ڏسو ڏهاڪو ڪهڙو ٿلهو آهي. باقي ايڪو ان سان شامل ڪو نه آهي، تنهنڪري ايڪي جي بدران ٻڙي ڏيئي ڏهاڪو ٿلهو ٿا لکون جهڙو ٺهيل آهي. 0| پوءِ وري ٻي تيلي شامل ڪري پڇجي ته هاڻي گهٽا ايڪا ۽ گهٽا ڏهاڪا ٿيا؟ ٻار چوندا ته هڪ ايڪو آهي ۽ هڪ ڏهاڪو آهي (ايڪن ۽ ڏهاڪن جي سڃاڻپ جي نشاني سنهائي ۽ ٿلهائي ڪجي) پوءِ معلم ٻڌائي ته هڪ ايڪو ۽ هڪ ڏهاڪو سو ٿيو يارهن، اهو لکجي. 1| يعني ايڪو سنهو آهي ۽ ڏهاڪو ٿلهو آهي، چاڪاڻ ته ان ۾ اهڙا 10 ايڪا پيل آهن، ساڳيءَ ريت وري 2 تيليون ڪڍي ان سان ڏهاڪو شامل ڪري ٻارن کان پڇجي، ٻار چوندا ته اهو آهي 2 ايڪا ۽ هڪ ڏهاڪو، جيڪڏهن ٺهيل انگ جي شاگردن کي خبر نه پوي ته معلم انهن کي ٻڌائي ته اهو ٿيو ٻارهن سو لکيو 2|. اهڙيءَ طرح 3|، 4|، 5|، 6|، وغيره سيکارڻ گهرجن، جڏهن 20 تائين اهڙي طرح سمجهائي رهبو تڏهن اڳتي 100 تائين پاڻيهي شاگرد لکي سگهندا يا بلڪل ٿوريءَ سمجهاڻيءَ سان سمجهي ويندا.

*(ملا مخزن مارچ 1935ع)*


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

# يڪ تندرستي هزار نعمت

ماليِ، دماغيِ، اخلاقي ۽ روحاني ترقيءَ جو دارومدار تندرستيءَ تي آهي، تنهنڪري تندرستي سڌارڻ لاءِ هر طرح ڪوشش ڪرڻ گهرجي. تندرستي ڪيئن حاصل ڪجي؟ تندرستي جو مدار هيٺين ڳالهين تي آهي:-

(1) تازي هوا - نڪ مان ساهه کڻڻ گهرجي، ڍُگهي ساهه کڻڻ جي ورزش ڪجي، جاءِ جون دريون بند نہ ڪجن ۽ سمهڻ مهل سوڙ يا لٽو نڪ تي وجهڻ نہ گهرجي. تازي هوا ۾ اُس چمڙيءَ کي بہ ڪارائجي.

(2) تازو ۽ صاف پاڻي- پاڻي هر هر پئجي، پر ٿورو ٿورو ۽ ڍڪ ڍڪ ڪري پيئڻ گهرجي. ماني کائڻ مهل پاڻي نہ پيئجي. صبح جو نيراني ۽ رات جو سمهڻ مهل پاڻي پيئڻ گهرجي. گرم پاڻي انهن وقتن تي پيئڻ قبضي ۽ بد هاضمي لاءِ چڱو آهي. هر روز صابڻ يا ميٽ سان وهنجڻ گهرجي ۽ وهنجڻ بعد ٽوال سان خوب مهڻ گهرجي.

(3) تازو ۽ صاف کاڌو- چانهه، ڪافي، شراب، تماڪ، آفيم، وغيره کان قطعي پرهيز ڪرڻ گهرجي. گوشت، مڇي ۽ گرم مصالحي سان گهٽ واهپو رکجي. ان، ڀاڄيون ۽ ميوا، کير، مکڻ ۽ ڏڌ طبيعت جي موافقت تي کائجن تہ بلڪل مفيد آهن. هاضمي جو گهڻو مدار آهي زور چٻاڙڻ سان ۽ خوش مزاج رهڻ تي. خصوصن ماني کائڻ مهل دماغي ڪم ۽ ڳڻتين کان پري رهڻ گهرجي. دل کي خوش رکڻ گهرجي. نڪي گهڻو کائجي، نڪي هر هر کائجي. چڙ ۽ ڪاوڙ بہ هاضمي کي خراب ٿا ڪن.

(4) صفائي - صبح جو اُٿڻ مهل ۽ رات جو سمهڻ مهل ڏندڻ ڪرڻ گهرجي. ننڍن ٻارن جو وات ۽ ڏند ڪپهه يا صاف اگهڙي لوڻ جي پاڻي ۾ پسائي اُن سان صاف ڪرڻ گهرجن. گرم پاڻيءَ ۾ لوڻ وجهي اُن سان گرڙيون ۽ گروڙا ڪرڻ گهرجن ۽ نڪ صاف ڪرڻ گهرجي. اکين کي بار بار پاڻيءَ جا ڇنڊا هڻڻ گهرجن. ڏينهن وارا ڪپڙا سمهڻ وقت بدلائي ٻيا ڪرڻ گهرجن.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

(5) تندرستي جو وڏو مدار ورزش تي آهي. هر روز ڪم از ڪم 15 منٽ ورزش ضرور ڪرڻ گهرجي. گهمڻ به ضروري ورزش آهي، تي سگهي ته ڊڪڻ به گهرجي. رانديون ڪرڻ به تندرستيءَ لاءِ چڱيون آهن.

نوٽ - مٿيون هدايتون هڪ وڏيءَ تختيءَ تي لکي تختي يت تي ٽنگي ڇڏڻ گهرجي.

*(ملا مخزن جنوري 1931ع)*



سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# شاگردن کي خطاب

اڄ توهان ننڍا آهيو، راندين روندين ۾ ڪل خوشيءَ ۾ وقت گذاري رهيا آهيو، پر ياد رکو ته سڀاڻي توهان وڏا ٿيندا ۽ توهان کي سوين فرض ادا ڪرڻا پوندا. پلي راندين روندين ڪيو، کلو ۽ ٽپو ڪڏو، پاڻ کي آئينده جي زندگي لاءِ به تيار ڪيو. اڪثر ڪري شاگردن خواه وڏن کي اها ئي صلاح ڏني ويندي آهي ته پاڻ خود قربانيءَ جو انگ پيدا ڪيو ۽ قوم ۽ ملڪ جي خدمت ڪريو، صلاح ته گهڻائي چڱي پر انهيءَ نموني اهڙي صلاح ڏيڻ سان ڪيترن تي عملي اثر پوي ٿو يا پوندو سو بلڪل ظاهر آهي. تنهنڪري مان توهان کي اها صلاح ڪونه ٿو ڏيان ته پنهنجي خدمت ڪيو ۽ پاڻ کي ئي دنيا ۾ ڪامياب فتحياب ۽ خوش ۽ آسودو ڪيو. پر انهيءَ جي اها معنيٰ ناهي ته ٻين جو نقصان ڪري چوريون ڌاڙا ۽ ٺڳيون ڪري پاڻ کي آسودو ڪريون. ٻين جا حق ماري پاڻ کي هرگز ڪامياب ڪري نٿو سگهجي. فقط تاريخ دان ۽ فيسلوف سمجهي سگهن ٿا ته جيڪو شخص يا جيڪا قوم ٻين جو نقصان ٿي ڪري يا ٻين جا حق ٿي ماري سا آخر پاڻ کي تباهه ٿي ڪري ۽ جيڪو شخص يا جيڪا قوم ٻين جو پلو ٿي چاهي سا پنهنجو ئي پلو ٿي ڪري ۽ پاڻ کي ئي ڪامياب ٿي بنائي. پر تڏهن به مان توهان کي ڪونه ٿو چوان ته توهان خود قربانين لاءِ ۽ ٻين جي پلي ڪرڻ لاءِ پاڻ کي تيار ڪريو. توهان پنهنجي لاءِ ئي ڪجهه ڪريو پر ٻين جو نقصان نه ڪريو.

هاڻي سوال آهي ته توهان ڪيئن پاڻ کي دنيا ۾ ڪامياب ۽ آسودو ڪري سگهندو؟ ڪاميابيءَ لاءِ سڀ کان ضروري شيءَ آهي تندرستي. صحت بابت ڪتاب پڙهو ۽ ڏنل هدايتن تي هڪدم عمل ڪرڻ شروع ڪيو. خاص طرح روزانه ورزش، صفائي، وهنجڻ، ڏندڻ هڻڻ، تازي هوا ۽ صاف پاڻي ۽ مقرر وقتن کان سواءِ ٻين وقتن تي ڪجهه به نه کائڻ. اهي ڳالهيون تندرستيءَ لاءِ نهايت ضروري آهن.

ڪاميابيءَ لاءِ ٻي ضروري ڳالهه آهي چڱا اخلاق ۽ چڱيون عادتون. انسان ۽ حيوان ۾ اهو فرق آهي ته حيوان کي عقل ڪونهي ۽ انسان کي عقل آهي. پر عقل جي عيوض انسان تي سخت جوابداري ۽ سخت مشڪلاتون به مڙهيل آهن ۽ سندس زندگيءَ جي راهه ۾ اهڙيون لالچن جون ڪڏون ڪوٽيل آهن جو جيڪڏهن هو بي خيالو


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ٿو رهي تہ انهن کڏن ۾ ڪري پاڻ کي تباهہ ٿو ڪري. تنهنڪري انسان کي سخت ضرورت آهي تہ پنهنجو عقل ۽ علم وڌائي ۽ پنهنجي نفساني خواهش کي ضابطي هيٺ رکي، عقل ۽ علم موافق عمل ڪري. تنهنڪري ڪاميابي حاصل ڪرڻ لاءِ عقل ۽ علم سان گڏ پاڻ کي ضابطي هيٺ رکڻ نهايت ضروري آهي. پاڻ کي ۽ پنهنجي نفساني خواهشن کي ضابطي هيٺ رکڻ لاءِ بهترين اُپاءُ هي آهي تہ انسان هر وقت پنهنجي پالڻهار کي ياد رکي ۽ صبح کان شام تائين پاڻ کي مختلف ڪمائتين مشغولين ۾ رڌل رکي يعني محنت، مشغولي، وقت اجايو نہ وڃائڻ ۽ وقت جي پابندي ڪاميابي لاءِ نهايت ضروري آهن. محنت سان گڏ سانگ صرفو ڪرڻ ۽ سادي زندگي اختيار ڪرڻ بہ نهايت ضروري آهي. جيڪو اجاين خرچن ڪرڻ ۽ فئشن ۽ ڏيک ويک تي پاڻ کي هيرائيندو ۽ سوڙ آهر پير ڊگهيڙڻ بدران سڀ ڪجهہ خرچ ڪري ڇڏيندو  سو پاڻ کي ئي تباهہ ڪندو. تنهنڪري اڄ کان ئي سادگيءَ تي پاڻ کي هيرايو. پنهنجي خواهشن کي ضابطي هيٺ رکي اجاين خرچن کان پاڻ کي بچايو. ياد رکو تہ توهان جي لاءِ هي ئي وقت آهي چڱن گڻن ۽ عادتن پرائڻ جو جيڪڏهن هاڻي نہ پرائيندؤ تہ پوءِ پرائڻ محال آهي. ياد رکو تہ هميشہ سچ ڳالهائڻ ۽ انجام پاڙڻ ۽ حق تي هلڻ نهايت ضروري گڻ آهي. ڪجهہ بہ ٿي پوي ۽ ڪهڙي بہ نقصان رسڻ جو ڊپ هجي مگر ڪوڙ ڪڏهن بہ نہ ڳالهائڻ، انجام پاڙڻ ۽ حق تي هلڻ نهايت ضروري گڻ آهي. ڪجهہ بہ ٿي پوي ۽ ڪهڙي بہ نقصان رسڻ جو ڊپ هجي مگر ڪوڙ ڪڏهن بہ نہ ڳالهائجي. ڪوڙو ماڻهو ڪڏهن بہ ڪامياب نہ ٿيندو . ڌڻيءَ ڪانسواءِ ڪنهن کان بہ نہ ڊڄجي. همت ۽ جرائت سان ظلم جي خلاف مقابلو ڪرڻ ۽ مظلوم جي مدد ڪرڻ ڪاميابيءَ لاءِ تمام ضروري آهن. پر انهيءَ جو اهو مطلب ناهي تہ خدا ڪانسواءِ ڪنهن جي بہ فرمانبرداري نہ ڪجي. پنهنجي ماءُ پيءُ ۽ استاد ۽ جن کي اسان تي ڪا اختياري آهي تن جي حد اندر فرمانبرداري ڪرڻ بہ خدا تعاليٰ جو ئي حڪم آهي. پر انهن جي فرمانبرداري حد اندر ڪرڻ گهرجي يعني انهن جي فرمانبرداري ڪرڻ ۾ ڌڻيءَ جي حڪمن جي نافرماني نہ ٿئي. نشي خوري، جوابازي ۽ ٻيون مخصوص خرابيون (جن جو نالو مان هت وٺڻ پسند نٿو ڪريان.) تباهہ ڪندڙ خرابيون آهن. انهن کان ضرور پاڻ کي بچايو. ٻي دين ۽ ادرمي ماڻهو اڄ ڪلهہ انهن خرابين کان پرهيز نہ ٿا ڪن ۽ اها ڳالهہ  وساري ٿا ڇڏين تہ جنهن ڌڻيءَ اسان کي انهن خرابين کان منع ڪئي آهي، تنهن جو عقل اسان جي عقل کان وڏيڪ آهي. حقيقت ۾ اهي عيب شخص خواهہ قومن کي تباہ ڪري ٿا ڇڏين. پڇاڙيءَ ۾ فقط هي ٿو چوان تہ پنهنجا عمل، پنهنجا الفاظ بلڪ پنهنجا اندروني خيال بہ صاف ۽ پاڪ رکو.

دين ۽ ڌرم ڇا آهي؟ دين آهي ڌڻيءَ جي فرمانبرداري ۽ ذات انسان جي خير خواهي. ڌڻيءَ جي فرمانبرداري آهي سندس حڪمن تي هلڻ ۽ فطرت (سرشتي يا


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

نيچر) جي قانونن تي عمل ڪرڻ. انسان جي فطرت اهڙي اونهي آهي جو ان بابت پنهنجي ناقص عقل تي هلڻ ۽ ڌڻيءَ جي حڪمن جي خلاف وڃڻ آهي پاڻ کي برباديءَ جي کڏ ۾ ڪيرائڻ.

ڌڻي شال اوهان کي هرطرح ڪامياب ۽ آسودو ڪري ۽ پنهنجي قوم ۽ ملڪ جي خدمت ڪرڻ جي توفيق ۽ شوق پيدا ڪري.

*(لاڙڪاڻه هاءِ اسڪول مخزن- مارچ 1935ع)*


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# حصو چوٿون

# متفرقه مضمون ۽ مقالا


www.sindhsalamat.com
سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# ڳوٺاڻن جو سڌارو

سرڪار نامدار ڳوٺاڻن جي سڌاري جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو آهي. ڪم لاءِ هڪ خاص آفيسر خان بهادر عظيم خان مقرر ڪيل آهي. ڪهڙي نموني ۾ اهو ڪم ڪيو ويندو ۽ ڪهڙين رٿن تي عمل ڪيو ويندو، سي اميد ته هن تعليم اخبار ۾ وقت به وقت ڏيکاريون وينديون. هر هڪ ماستر صاحب ڪي منهنجي التماس آهي ته هو صاحب پنهنجي حب الوطن جي جذبي ڪي جوش ۾ آڻي پنهنجي پياري ملڪ جي ترقيءَ لاءِ ڪجھ نه ڪجھ ضرور ڪري. ان ۾ سندس ۽ سندس اولاد جو به فائدو آهي ۽ ڏٺيءَ وٽ به انعام پائيندو.

هيٺ مان پنهنجي هڪ ليٽر جو ترجمو ٿو ڏيان جو ليٽر خان بهادر عظيم خان کي لکيو اٿم. ان مان به ڪجھ قدر ڏسي سگهبو ته ڇا ڇا ڪرڻو آهي.

**محترمي خان بهادر عظيم خان!**

هن سان گڏ آءٌ ڳوٺ سڌار هلچل جي سلسلي ۾ ٽن تجويزن پيش ڪرڻ جو فخر حاصل ڪريان ٿو. جي نهايت آسان ۽ قابل عمل آهن، جي جيڪڏهن عمل ۾ آنديون ويئون ته انهن مان ڳوٺ سڌارڪ تحريڪ کي تمام گهڻي هٿي ايندي. مون کي خبر آهي ته اوهان اڳيان ڪي مؤثر ۽ ڪارگر تجويزون هونديون. پر منهنجن تجويزن جي پڙهڻ مان اوهان کي معلوم ٿيندو ته اهي اوهان جي رٿن لاءِ رنڌڪ ٿيڻ بدران پاڻ انهن کي وڌيڪ ڪارائتو ۽ با اثر بنائينديون.

(1) پهرين رٿ- سرڪار ڪامورن جي مدد سان توڙي عام تبليغ ۽ پروپئگنڊا جي وسيلي زميندارن ۽ ٻين ماڻهن کي همٿائين ته اهي ملا اسڪول کولين ۽ جن جي لاءِ ڊپٽي ايجوڪيشن محمدن اسڪولس کي گرانٽ لاءِ درخواست ڪن. ملا اسڪول انهن ڳوٺن ۾ رجسٽر ڪري سگهبا آهن، جتي ڪو به لوڪل بورڊ اسڪول نه هجي. پر چوڪرين جا اسڪول رجسٽر ڪري سگهبا آهن. پوءِ ڪٿي انهن ڳوٺن ۾ لوڪل بورڊ اسڪول به موجود هجي. بشرطيڪ اتي اسڪول جي ضرورت سمجهي وڃي. اهو ماڻهن جو فرض آهي ته هو پنهنجي ڳوٺن ۾ ملا اسڪول کولائين ۽ پنهنجا ٻار انهن ۾


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

پڙهڻ لاءِ موڪلين ۽ اهو بار تعليم کاتي تي آهي ته هو نظرداري رکن ته انهن اسڪولن ۾ سٺي تعليم ۽ پوري گرانٽ ڏني وڃي.

(2) ٻي رٿ - ماڻهن کي هن يقين ڏيارڻ لاءِ وسيع ۽ غير محدود پروپئگنڊا جي ضرورت آهي. سندن جسماني، مالي، اخلاقي ۽ مذهبي بهتريءَ لاءِ ضروري آهي ته انهن مان هر هڪ پڙهيل هجي ۽ انهن مان هر هڪ پڙهيل تي لازمي آهي ته پنهنجي فرصت جي وقت ۾ ڪتاب ۽ اخبارون پڙهندو رهي، انهيءَ سلسلي ۾ ديهاتي لائبرريون ضروري آهن.

ديهاتي لائبريريءَ لاءِ ڪنهن وڏي خرچ يا اهتمام جو ضرور نہ آهي پر نهايت آسان ۽ سادي طريقي هڪ نئين يا پراڻي ڪتاب مسجد يا مندر ۾ رکڻ سان اها لائبرري شروع ڪري سگهجي ٿي. جيڪڏهن ڪو بہ ماڻهو ابتدا ڪري هڪ ڪتاب رکندو ته ٻيا ماڻهو ان جي مثال جي پيروي ڪندا ۽ اهڙيءَ طرح هڪ سٺي لائبرري وجود ۾ ايندي. انهيءَ لاڳاپي ۾ ٻي تجويز هيءَ آهي ته سيڪو گهر هڪ ان جي مٺ روزانہ ڏار رکندو وڃي ۽ مهيني ڪان پوءِ اهي ٽيھ لپون وڪٽي، ان مان جيڪي وصول ٿئي سو مسجد يا مندر ڪي لائبرري جي فنڊ لاءِ ڏئي. انهيءَ فنڊ مان اخبارون ۽ ننڍا ڪتاب خريد ڪيا وڃن. پر ڪتابن جي چونڊ ڪرڻ ۾ تمام گهٽي خبرداريءَ جي ضرورت آهي. مناسب ائين آهي ته اهڙين لائبررين لاءِ تعليم کاتي جي منظوري ڪيل ڪتابن مان ئي ڪتاب چونڊيا وڃن، پر انهن مان بہ عاشقي ناول، واهيات گيت ۽ ڪوڙا قصا، جهڙوڪ چار درويش، حاتم طائي، ممتاز ۽ دمساز وغيره نظر انداز ڪيا وڃن.

وڌيڪ بهتر ائين ٿيندو ته ٽريننگ ڪاليج جو پرنسپال صاحب سڀ ڪنهن مهيني تعليم اخبار يا ملا مخزن جي وسيلي هڪ بہ نالا سٺن ڪتابن جا پڌرا ڪري ۽ سڀ ڪنهن سال جي آخر ۾ اهي ڪتاب گڏي هڪ يڪي لسٽ ڪري پڌري ڪري.

(3) ٽئين رٿ - پروپئگنڊا يا تبليغ - تعليم کاتي وٽ بہ ماهوار رسالا آهن جي ٽريننگ ڪاليج جي پرنسپال جي نظر هيٺ نڪرن ٿا ۽ جي گهٽو ڪري سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهچن ٿا. جيڪي ماڻهو ڳوٺ سڌار هلچل جو ڪم پيا ڪن سي جيڪڏهن پنهنجا ليک يا تقريرون ٽرينگ ڪاليج جي پرنسپال ڏانهن موڪليندا تہ هو صاحب اهي مٿين ٻن رسالن ۾ شايع ڪندو ۽ اهي مضمون لوڪل بورڊ اسڪولس يا ملا اسڪولس جا ماستر، ڀهراڙيءَ ۾ ڳوٺن جي ماڻهن کي هڪ هنڌ گڏ ڪري پڙهي ٻڌائيندا تہ تمام گهڻو اثر ٿيندو. ماستر سولائي سان سڀ ڪنهن مهيني اسڪول جي ماهوار جلسي جي نالي اهڙو ميڙ ڪنو ڪري سگهن ٿا. جلسي ۾ رسمي گيتن ۽ ڊائلاگن بعد ماستر اهي تقريرون پڙهي ٻڌائيندا. اهڙا ماستر جي مسجدن جا پيش امام بہ آهن سي تہ هيڪاري مفيد آهن، جو اهي جمعي نماز ڪان پوءِ پنهنجي جماعت


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڪي تقريرون پڙهي ٻڌائي سگهن ٿا.

منهنجي صلاح آهي تہ اوهين ڪا اهڙي رٿ رٿيو جنهن موجب ڌار ڌار مضمونن تي سٺن لکندڙن ڪان مضمون لکايا وڃن.

### مثال طور:-

(1) الف ڪان ڪنهن مهيني ۾ کيتي ۽ باغباني بابت مضمون لکايو وڃي.

(2) ب = = = چوپائي مال ڌارڻ ۽ ڪڪڙين وغيره پالڻ بابت.

(3) ج = = = گهرن جي سهٽي نموني ٺهرائڻ، صفائي ۽ صحت بابت.

(4) د = = = چوپائي مال جون بيماريون ۽ ان جا علاج ۽ روڪڻ جي اپائڻ بابت.

(5) هـ = = = ڳوٺاڻن هنرن بابت.

(6) و = = = ريتن رسمن جي سڌارڻ بابت.

مثلاً:- جمر، طهر، پرٽي جي رسمن جي پيروي ۽ اڏنگا ۽ اجايا خرچ جي ڪيا وڃن ٿا تن جي برخلاف مضمون لکيا وڃن. منهنجو ڪتاب "رسومات تباهي جو انهيءَ ساڳئي موضوع تي لکيل آهي سو تمام مفيد ٿيندو. اهو ڪتاب پوڪرادس وٽان ملي سگهندو. اهو ڪتاب پنهي متي ذڪر ڪيل رسالن ۾ بہ ڇپايو وڃي تہ مفيد ثابت ٿيندو.

(7) ز ڪان اخلاقي سڌاري تي مضمون لکايا وڃن.

مثلاً:- ماٺهوءَ ڪي چوري، ماراماري، ڪورٽن ڏانهن وڃڻ، پروان حقن ۾ دست اندازي ڪرڻ، ڪوڙ ڳالهائڻ، انجام پيچڻ جوا ڪيڏڻ، نشيدار شيون واپرائڻ، جنسي بدفعليون ڪرڻ، ڪڪڙ ۽ ڪتا ويڙهائڻ ۽ پنڻ وغيره جا نقصان ذهن نشين ڪرايا وڃن، ۽ انهن مان جي بڇڙا نتيجا نڪرن ٿا سي ڪين سمجهايا وڃن.

(8) ح ڪان اقتصادي ۽ بين گهرو ڳالهين يعني خرچ گهٽ ڪرڻ ۽ ڪفايت وغيره تي مضمون ورتا وڃن. انهن مضمونن ۾ ماٺهن ڪي هدايت ڪئي وڃي تہ پاڻ ڪي سخت پورهي ڪرڻ تي هيرائين، ڪفايتي ٿيڻ ۽ سڀ ڪنهن حالت ۾ قرض ڪڻڻ يا رشوتون آڇڻ ڪان پاڻ بچائين.

*(ملا مخزن جولاءِ 1938ع)*


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# ڪامل تندرستي جا اسرار

ايامن ڪان ڊاڪٽرن تندرستي جي اسرارن لهڻ جي ڪوشش پي ڪئي آهي. اڄ ڪلهه سيني ڊاڪٽرن کي اهي معلوم آهن، مگر ڪيتري قدر انهن تي عمل ڪيو ٿو وڃي؟ جن جي مرضي آهي ته تندرست رهون تن لاءِ تندرستي جون هدايتون هيٺ ڏجن ٿيون.

1 - پورو پنو ڪائو - 21 ورهين جي عمر تائين چڱو صحت بخش کاڌو گهٽي انداز ۾ کائڻ نقصان نٿو ڪري. ان عرصي ۾ بدن نهي به ٿو (يعني واڌ ٿو ڪري) ۽ کوٽ به ٿو پري. جڏهن بدن واڌ ڪرڻ کان بس ٿو ڪري ته پوءِ کاڌو فقط کوٽ پرڻ جو ڪم ٿو ڪري. گهڻا عارضا فقط پاڻ کي پاڻ نشي ڏيڻ سان ٿين ٿا، ۽ اهو نشو يا زهر گهڻو ڪري هن مان پيدا ٿئي جو بدن تمام گهڻي غذا کي هضم ڪرڻ ۽ نيڪال ڪرڻ جي طاقت نٿو رکي. هي هڪڙو نهايت معقول قانون آهي ته ڪڏهن به پيٽ ڀري تار ڪري نه کائجي، جڏهن ڪنهن ڪم جي تڪڙ هجي تڏهن نه کائجي ۽ جڏهن ماٺهو ڪاوڙ رنج يا ملولائي ۾ ڳٽتي ۾ هجي تڏهن به نه کائجي. جيڪڏهن توهان بدني پورهيو ڪندڙ نه آهيو ته مهيني ۾ هڪ ڏينهن ڪجهه نه کائڻ عقلمندي جو ڪم آهي.

2 - غلاظتون ڪيو - پاڻ کي پاڻ نشو يا زهر ڏيڻ جي حالت تڏهن ٿي پيدا ٿئي، جڏهن بدن زهر پيدا ڪندڙ غليظ مواد کي نيڪال ڪري نٿو سگهي. ان لاءِ روزانو قانونن تي هلڻ ۽ صفائي تمام ضروري آهن. غلاظتن جي نيڪال ڪرڻ جا جي رستا آهن تن مان اهو رستو جنهن جي نسبت عام طرح گهڻي غفلت ڪئي ٿي وڃي سو آهي چمڙيءَ جا مسام. (جن مان پگهر ٿو نڪري) هر هڪ مسام هڪ ڪسي آهي جا جيڪڏهن برابر ڪم ڪندڙ آهي ته بدن جون غلاظتون وهائي ٻاهر ڪيدي ٿي ڇڏي. جيڪڏهن بدن جي ڪسين کي ڪا رنڊڪ ٿي ٿئي ته مرضن پيدا ڪندڙ ٻجن ۽ جيوڙن جو مقابلو اهڙو ڪري نٿو سگهي جهڙو صاف رت ڪري ٿو سگهي. هن قانون تي عمل ڪرڻ لاءِ چمڙي بنسبت غفلت هرگز نه ڪريو. هوا ۽ ٽوال چمڙيءَ کي چڱي عملي حالت ۾ رکن ٿا.

3 - ٿڪ کي ننڊ سان دفع ڪريو – ننڊ، طاقت کي وري آڻڻ لاءِ هڪ قدرتي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

طريقو آهي. جڏهن اسان ننڊ تا ڪريون تڏهن دل ۽ ڦڦڙن کي آرام ٿو اچي، ۽ اسان جي رت جو سرشتو ڪوٽ پرڻ جي ڪم کي لڳي ٿو وڃي. ڪيتري ننڊ ڪجي تنهن لاءِ ڪو مقرر قانون ڪونهي. ڏسڻو آهي ته ڪيتري ننڊ تازو توانو ڪري ۽ وڃايل طاقت کي موٽائي آڻي ٿي.

ڪم از ڪم نوي منٽ اڌ رات کان اڳي سمهو ڪليل دريءَ پرسان. جن ماڻهن جي رت جو دورو ضعيف آهي سي گهڻو ڳورو بسترو مٿئون وجهندا آهن. اها حالت ضعف پيدا ڪندڙ آهي. ڳورين سوڙين وجهڻ بدران گرم ڪپڙا پائي سمهو (هي پوئين هدايت انگليند وارن لاءِ ٿي ڏسجي جو اتي گهڻي ٿڌ سبب تمام ڳوريون سوڙيون ڪم تا آڻين) گرم اوني ڪپڙا بدن جي گرمي قائم رکن تا ۽ بار به نتا ٿين.

4 - بدن کي ورزش ڏيو - ورزش جو انداز اوهان جي عمر ۽ هانيءَ تي مدار ٿو رکي، پر سڀ ڪنهن کي ٿوري يا گهڻي ورزش جي ضرورت آهي. ورزش رڳن (گوشت) کي درست ڪري ٿي ۽ انهن کي غلاظتن دور ڪرڻ جي طاقت ڏئي ٿي، دل کي ۽ رت جي دوري کي چست ڪري ٿي ۽ دماغ کي صاف ڪري ٿي. ورزش نه ونڻ ڪري بدن ڪمزور ٿئي ٿو. گوشت ڍلڙو ۽ خيال سست ۽ ضعيف ٿئي ٿو.

مگر ٿڪائيندڙ ورزش مان به نقصان آهن. ڏسڻو آهي ته ڪيتري ورزش چڱو اثر پيدا ٿي ڪري، ۽ هن ڳالهه ۾ هر ڪوئي پنهنجو پاڻ حڪيم آهي.

5 - تمام گهڻي ڪم ڪرڻ کان پاسو ڪريو - انسان جي طاقت محدود آهي، جا بدن ۽ ڪم ڪندر دماغ لاءِ ورهايل آهي. جيڪڏهين انهيءَ حد کان ٻاهر ٿو وڃجي ته بدن ۽ خيال ڪمزور ۽ ملول ٿي تا پون. نيپولين ڪم ڪندي 2 منٽن جي ننڊ به ڪري وٺندو هو. ڪيس ننڊ جو قدر هوندو هو ۽ تندرست بدن ۽ صاف دماغ جو به قدر ڪندو هو.

6 - وات صاف رکو - جيڪڏهن پاڻ کي نيڪ نه سمجهين ۽ ڊاڪٽر ڏي وڃين ته هو گهڻو ڪري توکي ڏندن جي ڊاڪٽر ڏي موڪليندو. ڇو ته وات مرضن جي جيوڙن جو مرڪزي مڪان آهي. تنهنڪري وات جي صفائي جي اشد ضرورت آهي. ڏندن ۽ مهارن جي غفلت ڪيترين ئي بدني بيمارين جو باعث بڻجي ٿي. ڏندڻ سخت برش سان هڻجي ۽ ڪو به چڱو پائوڊر ڪم آڻجي ان سان گڏ صبح ۽ رات وقت پاڻي ۾ لوڻ ملائي گرڙيون ڪجن. (ڏندڻ ڪم از ڪم به ٻيرا هڪ صبح جو ۽ ٻيئو رات جو سمهڻ مهل ڪرڻ گهرجي.)

7 - پاڻي پيو - انسان جو پهريون شربت يا شراب صاف پاڻي هو، جو غلاظتن ڪڍڻ جو بهترين وسيلو آهي. بهترين وقت پاڻي پيئڻ جو آهي صبح جو نيراني، ٻيو نيرن بعد ڪجهه وقت رکي. ٽيون رات جو سمهڻ وقت (هن جو مطلب ناهي ته ٻين وقتن تي پاڻي نه پيئجي پلي هر هر پئجي). پاڻي سڄي بدن کي اندر ئي اندر ڌوئي غلاظتون


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ٻاهر ڪڍي ٿو ڇڏي. جيڪڏهن پوري انداز ۾ پاڻي نٿو پئجي ته ڪيترين عذاب ڏيندڙ شڪايتون پيدا ٿين ٿيون. پاڻي ڪيترو به پيو اهو گهٽو ناهي. گهڻا ماڻهو گهٽ پاڻي ٿا پيئڻ جو چڱو ناهي.

8 - صاف رهو - وهنجڻ جو مقصد رڳو اهو ناهي ته ٻاهرين گندگي لهي وڃي ۽ اسان کي بچان نه اچي، پر سچو مقصد هي آهي ته چمڙيءَ جا هزارين مسام يعني دروازا کليل رهن. وهنجڻ رت جي دوري کي چست ڪري چمڙيءَ کي درست ڪري ٿو. اهو ئي سبب آهي جو وهنجڻ کان پوءِ پاڻ کي تازو توانو سمجهندا آهيون. بدني صفائي سان گڏ عام صفائي به ضروري آهي، جنهن ۾ ڪپڙن جي صفائي به اچي ٿي وڃي. ميرن ڪپڙن ۾ يا انهن ٿلهن ڪوٽن ۾ جي دير سان بدلائيندا آهيون، مرضن جا جيوڙا رهندا آهن، جن کي اسان جاڏي وڃون ٿا اوڏاهين پکيڙيون ٿا ۽ گهر ۾ به آڻيون ٿا.

9 - خوف يا ڊپ کي تڙي ڪڍو - تندرست خيال کان سواءِ تندرست بدن حاصل ڪري نٿو سگهجي. خوف جي معنيٰ آهي جرائت جو نه هئڻ. اسان ان کي ڪِٽتي ٿا سڏيون جو اهو لفظ وڌيڪ پسند ٿا ڪيون، مگر ان کي ڊڄڻاپ يا بزدلي سڏڻ گهرجي. سائنس ثابت ڪيو آهي ته ڊپ جو بدن تي گهرو اثر آهي. ڊپ هڪدم هليو ٿو وڃي جيڪڏهن اسان ڊپ واري شيءِ جو مقابلو ٿا ڪريون. ڊپ پاڻ کي پاڻ ڪائي ٿو. مگر عمل ڪرڻ سان ڊپ غائب ٿي وڃي ٿو.

10 - محبت - قديم حڪيمن يقين ڏيکاريو آهي ته محبت تندرستي لاءِ نهايت ضروري آهي. جن کي محبت ناهي سي پاڻ تي ظلم ٿا ڪن. هو سمجهن ٿا ته سڄي دنيا سندن چوڌاري پئي ڦري. اسان انهن کي خود غرض ٿا سڏيون ۽ ڪين پسند نه ٿا ڪيون. اسان کي مٿن افسوس ڪرڻ گهرجي. هو حياتي جو سڀ کان وڏو مزو وڃائن ٿا. جتي محبت آهي اتي بغض ۽ عداوت نه رهندي. طب چوي ٿي ته ذڪار ۽ عداوت رت ۾ زهرات وهائين ٿا. محبت تندرستي جو هڪ مکيه اسرار آهي.

*(اخبار تعليم نومبر 1934)*



سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# ڪالرا يا وبا

ڪالرا جي منحوس بيماري اونهاري ۾ ڪٿي ڪٿي پيدا ٿيندي آهي ۽ بعضي ته گهڻن ڳوٺن ۽ شهرن ۾ پکڙجي ويندي آهي. جن کي ڪالرا ٿي پوندي آهي تن مان 40 يا 50 سيڪڙو مس بچندا آهن. پر وڏو نقصان هي به ٿيندو آهي جو ماڻهن ۾ سخت هراس پيدا ٿيندو آهي. هو وطن ڇڏي رلي دربدر ٿيندا آهن ۽ مالي نقصان ايترو سهندا آهن جو ڪي سال ته ڦٽ پيا چڪندا اٿن. ان جو علاج اجا سوڌو ڪونه لڌو آهي. مگر اها حقيقت پڪيءَ طرح معلوم ٿيل آهي ته اها بيماري ڪيئن ٿي ٿئي، ڪهڙن اپائن سان ان کان بچي سگهجي ٿو.

ڪالرا ٿيڻ جا ٻه سبب آهن ۽ اهي ٻه سبب گهڻو ڪري سڀ ڪنهن مرض جا آهن.

1– ٻج، جو جتي اچي ٿو اتي بيماري ٿئي.

2 - زمين ان لاءِ تيار هجي.

ڪهڙي زمين ڪالرا جي بيماري لاءِ تيار آهي؟ جيڪڏهن پيٽ ۽ تندرستي ٺيڪ آهي ته ڪالرا جو ٻج يا جيوڙا ڪجھ به ڪري نه سگهندا. زمين تيار تڏهن ٿي ٿئي جڏهن پيٽ ۽ آندن جي طاقت گهٽ آهي. اها طاقت هيٺين سبب ڪري گهٽ ٿي ٿئي.

1 - ڪن ميون جهڙوڪ ونگا، گدرا، هنداڻا، انگور، انبڙيون کائڻ ڪري.

2 - برف پيئڻ ڪري.

3 - ٻين اهڙن ميون کائڻ ڪري به اگرچه دير هضم به نه آهن پر تمام گهڻو پڪل زردالو جي نرم ٿي پوندا آهن.

4 - گوشت مڇي گهڻي گيهه ۾ رڌل کائڻ ڪري.

5 - جلاب وٺڻ ڪري.

ڪالرا جو ٻج يا جيوڙا اصل پاڻيءَ ۾ تا پيدا ٿين. جنهن کي ڪالرا ٿئي ٿي، تنهن جي دستن ۽ الٽين تي مکيون ويهي پوءِ وري وڃي ماڻهن جي کائڻ پيڻ جي شين تي وهن ٿيون ۽ انهن جيوڙن کي ڪنين ۽ ٽنگن ۾ دستن ۽ الٽيءَ مان کڻي اچي ٿيون اسان جي کاڌي پيتي جي شين ۾ وجهن. پوءِ جيڪڏهن جيوڙن وارو پاڻي ٿو پئجي يا جنهن کاڌي پيتي تي مکيون ٿيون ويهن سو ٿو کائجي ته ڪالرا جا جيوڙا وڃي تا پيٽ


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

۾ پون. ڪالرا جا جيوڙا فقط وات جي ئي رستي اندر تا وڃن.

اندر نہ وڃن تنهن لاءِ هيٺيان اپاءُ وٺڻ گهرجن.

1 - پاڻي ڪاڙهي پيئجي. نل جو پاڻي هجي تہ بہ ڪاڙهڻ چڱو آهي.

2 - ڪا بہ اڻ رڌل شيءِ نہ کائجي ڇو تہ ممڪن آهي تہ ان تي ڪا مک ويهي جيوڙا ڇڏي ويئي هجي.

3 - توڙي رڌل شيءِ هجي يا ڪڙهيل پاڻي هجي ۽ ان تي مک اچي ويٺي هجي تہ ان کي وري رڌڻ يا ڪاڙهڻ کان سواءِ نہ کائجي يا پئجي. مثلن پاڻي ڪاڙهي گگهيءَ ۾ وجهي منهن تي ڪپڙو ويڙهي ڇڏجي ۽ ڪپڙي تي مک اچي ويهي تہ اهو پاڻي وري ڪاڙهجي. تنهن ڪري چڱو آهي تہ گهگيءَ تي گلاس يا ٻي شيءِ بہ مٿان رکي ڇڏجي.

4 - گلاس ڪم آڻڻ کان اڳي گرم پاڻي سان يا اهڙي پاڻي سان جنهن ۾ پوٽيشيم پرماگنيٽ پيل هجي، ڌوئجي. کائڻ پيئڻ جا ٿانو بہ ڪم آڻڻ مهل ساڳي طرح ڌوئي پوءِ هڪدم کائڻ پيئڻ شروع ڪجي. ڪاڏي پيتي جون شيون ۽ پاڻي ڪنهن اهڙيءَ ڪوٺيءَ ۾ ۽ اهڙيءَ حفاظت سان رکجي جو اتي مکيون وڃي نہ سگهن. ماني بہ اهڙيءَ ڪوٺيءَ ۾ کائجي. بهتر تہ ائين آهي تہ ماني هڪ صبح جو سج ايرڻ کان اڳي ٻيو سج لٿي بعد کائڻ گهرجي ڇو تہ انهن وقتن ۾ مکيون گهٽ آهن.

5 - آڱريون وات ڏي آڻيون هجن تہ پهريائين گرم پاڻي يا پوٽيشيم پرماگنيٽ پيل پاڻي سان ڌوئجن ۽ ڇپن تي مک ويٺي هجي تہ انهن کي بہ ساڳيءَ طرح ڌوئجي.

6 - برف ۾ بہ جيوڙا رهي سگهن ٿا تنهنڪري برف بہ نہ پيئڻ گهرجي.

7 - ٽن ڏينهن کان وڌيڪ رکيل سوڊا سلامتي سان پي سگهجي ٿي.

8 - مکين هڪالڻ لاءِ گند ۽ پوسل ۽ پائخاني تي ڪروڊ آئل يا فنائل جو ڇٽڪار ڪجي. جاءِ جي فرش تي بہ اهڙي پاڻي سان ڇٽڪار ڪجي جنهن ۾ ڪجھ فنائل پيل هجي.

9 - ڪالرا جون سيون هٽائڻ گهرجن.

10 - بيماريءَ ۾ ورتل ماڻهن جا دست ۽ الٽيون هڪدم پورڻ گهرجن ۽ جيڪا پوسل زمين تي رهي تنهن تي فنائل هارڻ گهرجي. دستن ۽ الٽين ۾ پريل ڪپڙا يا ساڙي ڇڏجن يا تہ پوري ڇڏجن. يا تہ هڪدم گرم ٽهڪندڙ پاڻي ۾ 15 منٽ ڪن رنڌي پوءِ ڌوئي سڪٽا وجهجن.

اهي اپاءُ وٺڻ البتہ ڏکيرا آهن پر لکن حياتين جو سوال آهي. نقصان جي ڀيٽ ۾ اها تڪليف ڪجھ بہ نہ آهي. ازان سواءِ اِهي حيلا تڏهن ڪرڻا آهن جڏهن بيماري پوي ۽ نہ سدائين. پر ڪي ڳالهيون اهڙيون آهن جي سدائين ڪجن تہ ڪيترين ٻين بيمارين


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڪان بچي وڃبو ۽ تندرستي بہ ٺيڪ رهندي مثلن:

1 - پيئڻ وارو پاڻي ڪاڙهڻ
2 - مکين کان پرهيز ڪرڻ
3 - معدي کي ضعيف ڪندڙ شين کان پرهيز ڪرڻ.

*(اخبار تعليم سيپٽمبر 1934)*


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# نئون سنڌي وياڪرڻ (گرامر)

## مَنڍ

هن وقت سنڌيءَ ۾ ڪيترا گرامر جا ڪتاب آهن، پر انهن مان ٻارن ڪي پورو مزو نٿو اچي، تنهنڪري ڪوشش وٺي هي ڪتاب اهڙي نموني ۾ لکيو ويو آهي، جيئن پڙهندڙن کي منجهانئس مزو اچي ۽ گرامر پڙهڻ لاءِ منجهن شوق پيدا ٿئي. ماستر کي کپي ته اهڙا جملا ٻارن جي اڳيان رکي، جن ۾ جيڪي قائدو سمجهائڻو هجيس، سو حاضر هجي؛ پوءِ سوالن پڇڻ سان اهو قاعدو ڳولي ڪڍائين. ٻار پنهنجي ٻوليءَ ۾ جيڪا وصف ڏين، سا قبول ڪري ۽ پوءِ سڌريل وصف پاڻ ٻڌائي. مضمون سيکارڻ وقت به گرامر جو استعمال ڪرائجي. ٻارن کي هيءَ ڳالهه چڱيءَ طرح ذهن نشين ڪرائجي، ته گرامر جو لاڳاپو لفظن سان آهي ۽ نه جنسي شين سان. هن ڪتاب ۾ جي شڪليون ڏنل آهي، تن جي نالن سان گرامر جو واسطو آهي ۽ نه شڪلين سان. اميد نه هي ڪتاب سکندڙن توڙي سيکاريندڙن لاءِ ڪارائتو ٿيندو.

## نئون سليس سنڌي گرامر

### سبق پهريون (گرامر)

هن کي سنسڪرت ۾ ”ويا ڪرڻ“ ،عربيءَ ۾ ”صرف نحو ۽“ انگريزي ۾ ”گرامر“ چئجي. هن مان خبر پوي ٿي، ٻولي برابر ڪيئن ڳالهائجي ۽ ڪيئن لکجي.

### سبق ٻيو (اکر، لفظ ۽ جملو)

توهان ٻاراڻي درجي ۾ آئيوٽا جاٻاونجاهه اکر پڙهيا آهن، انهن مان هر هڪ کي اکر چئبو آهي، جيئن ته ڪ، م، ن، وغيره

ٻه ٽي يا وڌيڪ اکر گڏڻ سان لفظ ٺهي ٿو.

جيئن پت، انب ۽ ڪتولو وغيره.

ڳالهائڻ جي لفظن جو ميڙ جنهن مان پورو پورو مطلب نڪري سگهي ، ان کي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

جملو چئجي ٿو.

جيئن تہ. چوڪر ڪاڏو، موهن گهر ويو. چيتن ٿي صوف ڪاڌا وغيره

نوٽ: ڪڏهن ڪڏهن فقط هڪ لفظ مان بہ پورو مطلب نڪرندو آهي، جيئن تہ وڃ، ڪاءُ، پيتو، ڊوڙيو، ڀڳو، وغيره.

هي لفظ اگرچہ اڪيلا آهن، تڏهن بہ منجهائن پورو پورو مطلب نڪري ٿو، تنهنڪري اهڙن لفظن کي بہ جملو چئجي ٿو، پر ياد رهي، تہ انهن لفظن مان هر هڪ لفظ ۾ ٻيو ڪجهہ سمايل آهي، چاڪاڻ تہ وڃڻ، ڪائڻ، پيئڻ، ڊوڙڻ ۽ ڀڄڻ وارو ضرور ڪو ماڻهو هوندو، جيئن تہ تون وڃ، تون ڪاءُ، مان پيتو، هو ڊوڙيو، هو ڀڳو وغيره.

## امتحاني سوال

(1) ويا ڪرڻ سکڻ مان ڪهڙو فائدو آهي؟

(2) اکر چا کي چئجي ٿو؟

(3) جملو ڪيئن جڙندو آهي؟

(4) هيٺين لفظن جي ميڙن مان چونڊي ٻڌايو، تہ ڪهڙا جملا آهن ۽ ڪهڙا جملا نہ آهن؟

(1) محمد ڪائڻ (2) موسو رنو ٿي (3) مها راڻي وڪٽوريا ٿي گذري آهي. (4) هينئر ايڊورڊ اٺون (5) ولبرفورس خير خواه هو (6) نچ (7) ڊڪ

(5) هيٺين اڻپورن جملن ۾ پنهنجا لفظ وجهي، جملو پورو ڪريو:-

منهنجي ............. سان بہ ڪين هين.

رندو ڪانيءَ کي ............. ڪريتو.

پنادائي راجپوت زال ............. وفات ڪئي.

## سبق ٽيون (اسان جي ٻولي)

اسان جي ٻولي سنڌي آهي جا سنسڪرت ٻوليءَ جي شاخ پراڪرت ٻوليءَ مان نڪتل آهي. تاريخ پڙهڻ سان معلوم ٿيندو، تہ سنڌ تي ڪيترن ڌارين بادشاهن راڄ ڪيو آهي.

اِهو سِيا ويڪ آهي تہ رعيت جو رخ بادشاهن جي ٻوليءَ ڏانهن گهڻو ٿئي ٿو، تنهنڪري عرب بادشاهن جي وقت ۾ اصلوڪي نج سنڌيءَ ۾ ڪيترائي عربي لفظ گڏجي ويا، تنهنڪري اسان جيءَ آئيوتا کي هينئر ڪونين ئي عربي- سنڌي اکر. اهڙيءَ ريت ڪلهوڙن ۽ ميرن جي بادشاهيءَ ۾ پارسي لفظ گڏجي ويا، جيئن تہ:- تشريف، فياض، قرب، نشين، وغيره عربي فارسي لفظ آهن.

هينئر انگريزن جي بادشاهيءَ ۾ انگريزي لفظ گڏيا وڃن ٿا جيئن تہ:-



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

اسڪول، ڪاليج، گلاس، سوٽ، ڪوٽ، بوٽ وغيره انگريزي لفظ آهن.

هيٺين ٻارهن اکرن مان ڪوبہ اکر ڪنهن لفظ ۾ ايندو تہ اُهو لفظ نج سنڌي نہ سمجهبو: پر اُهو لفظ عربي يا پارسي سمجهڻ گهرجي.

ث- ح- ذ- ص- ض- ط-ظ- ع-غ- ف- ق.

## سبق چوٿون (اُسم)

هيٺين جملن مان ساهوارن جا نالا چونڊيو:

(1) وجيهہ سنگ مارواڙ جي راڻيءَ وٽ جوانسنگهہ نالي هڪڙو ٺاڪر هو. (2) مڪڙ ۽ مچر ناس ڪرڻ گهرجن. (3) ڳئون، مينهون، ٻڪريون گهرو جانور آهن.

وجيہ سنگهہ، راڻي، جوانسنگهہ، ٺاڪر، مڪڙ، مچر، ڳئون، مينهون، ٻڪريون ۽ جانور ساهہ وارن جا نالا آهن.

سيني ساهوارن جي نالي کي اسم چئبو آهي.

هٺين جملن مان جاين جا نالا چونڊيو:-

(1) سنڌ جو گورنر صاحب سکر ۾ آيو هو.

(2) هڪڙو زميندار حيدرآباد جي شهر ۾ مختيار ڪاريءَ ۾ ڏيل ڀيارڻ آيو.

(3) کهڙو ٿو پڇين حال ڀهراڙي جي ماڻهن جو .

(4) قبن ۾ ميرن جون قبرون آهن.

(5) تجرن ۾ بيبيون پوريل آهن.

سنڌ، سکر، حيدرآباد، شهر، مختيارڪاري، ڀهراڙي، قبا ۽ تجرون جاين جا نالا آهن.

سيني جاين جي نالن کي اِسم چئبو آهي.

(1) بابو مصري وجهي جعفر کي شربت وينو پياري.

(2) ڏند ڏڏن تہ ڦنڪيءَ جي پاٽيءَ سان گرڙيون ڪجن.

(3) شيهو، قلعي، جست، ڏاتن جا قسم آهن.

(4) ٿنيا، ڪامون، پٽيون، دريون، دروازا، ڪرسيون، ميزون، وغيره، اِهي سڀ ڪاٺ مان ٺهن ٿا.

مصري، شربت، ڏند، ڦنڪي، پاٽي، گرڙيون، شيهو، قلعي، جست، ڏاتون، ٿنيا، ڪامون، پٽيون،دريون، ڪرسيون، ميزون ۽ ڪاٺ شين جا نالا آهن.

سيني شين جي نالن کي اِسم چئجي ٿو.

(1) دوا ۾ ڪوڙاڻ گهٽي آهي.

(2) ڇت تي ڪارنهن چڙهي ويئي آهي.

(3) وڻن جي پنن ۾ ساوڪ آهي.



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

(4) پلائي ڪرڻ چڱي آهي.
(5) بي عقلائي نيٺ ماڻهوءَ کي ڇيهو پهچائيندي.

دوا ۾ ڪوڙاڻ جي خاصيت آهي. ڇت تي ڪارنهن جي خاصيت آهي. پنن ۾ ساوڪ جي خاصيت آهي. ڪنهن ماڻهوءَ ۾ پلائيءَ جي خاصيت آهي. بي عقلائي ماڻهوءَ جي خاصيت آهي. (خاصيت جي معنيٰ چڱي خاصيت ۽ خراب خاصيت ٻئي سمجهڻ گهرجن.)

سيني خاصيتن جي نالن کي اِسم چئجي ٿو.

اهڙي طرح ڪمن جا نالا آهن، جيئن ته:- ڊوڙ، ڪل، ناچ، جهيڙو، تڪرار وغيره

سيني ڪمن جي نالن کي اِسم چئجي ٿو.

اهڙيءَ طرح حالتن جا نالا آهن جيئن:-

جواني، ٻڍاپو، ٻالپڻ، ٻانهپ، بادشاهي وغيره،

سيني حالتن جي نالن کي اسم چئجي ٿو.

هاڻي اسين سکياسون، جنهن نالي سان ڪنهن کي سڏجي ٿو، سو نالو گرامر موجب اسم آهي. اسم جي معنيٰ نالو آهي.

ياد ڪريو: ڪنهن ساهواري جاءِ، شيءِ، خاصيت، ڪم ۽ حالت جي نالي کي اسم چوندا.

هيٺين جملن مان اِسم چونڊيو ۽ ٻڌايو ته اُهي ڇا جا نالا آهن:-

(1) پرٿوي راج جي رکيل ٻانهيءَ جي ٻار بنبير کي ڪٽي چتور جي گاديءَ تي وهاريو.
(2) محلات ۾ هن جون دانهون ۽ نيزاريون جو پنا دائيءَ ٻڌيون، تنهن کي اچي ڏاڍو پئُ لڳو.
(3) گلن مان خوشبوءَ ڇوٽي اچي.
(4) هن جو ٻاهريون ڏک يا ڪوپو سائو ڪينهي، پر ڳاڙهائي ٿو.

(2) چوٿين ڪتاب جي ويهين سبق جي پهرين ستن سٽن مان اسم چونڊيو ۽ ٻڌايو ته اُهي ڇا جا نالا آهن.

(3) اهڙا ڏهه اسم ٻڌايو، جي خاصيتن جا نالا هجن.

(5) اسم جي وصف ڏيو ۽ ان جي معنيٰ ٻڌايو.

هيٺين خالي جاين ۾ اسم وجهو:-

هينئر هندستان جو شهنشاهه ........... آهي. سنڌ نئون ........... ٿاهيو اٿن. شربت جو ذائقو ........... آهي. چڱي سان ........... سيکو ڪري، پر ڪو بري ........... ڪري. سنڌ جو وڏو عملدار ........... آهي جو ........... ۾ رهي ٿو. ڪير ۾ ........... جي خاصيت آهي.

استعمال لاءِ اِسم جا ڪي مثال:-



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

ساهوارن جا نالا:- ٽوپڻ داس، ڳئون، جهرڪي، شينهن، پلو وغيره.
جاين جا نالا:- اسڪول، شهر، ڳوٺ، ڏيهه، هماليه وغيره.
شين جا نالا- ڪتاب، ڪپڙا، ڪوهنور، زيتون وغيره
خاصيتن جا نالا- ڏاهپ، سياڻپ، وفاداري، اجاڻ ،چڱائي، بچڙائي، ساوڪ، بندراڻ، هوشياري، گولائي، ميراڻ، ڳاڙهاڻ وغيره.
ڪمن جا نالا: ناچ، ڊوڙ، گهوم ، اُٿڻي، ويهڻي، هنر، سير، پاچ،جنگ، جهيڙو، ٽپو، گشت، ڪاهه، چڙهائي، گڏجاڻي، مار، ويهڪ وغيره.
حالتن جا نالا: ٻڍاپو، جواني، ٻالڪپڻ، ٻانهپ، آزادگي، غلامي، بيماري، بادشاهي، غريبي وغيره.

## سبق پنجون (فعل)

(1) رام شهر ويو. هن جملي ۾ رام وڃڻ جو ڪم ڪيو.
(2) محمد ٽول ورتو. هن جملي ۾ محمد وٺڻ جو ڪم ڪيو.
(3) بارش پئي. هن جملي ۾ بارش پوڻ جو ڪم ڪيو.

هيٺين جملن ۾ اُهي لفظ چونڊيو، جيڪي ڪو ڪم ڪن ٿا ۽ ٻڌايو ته اُهي کهڙو ڪم ڪن ٿا.

(1) اُن جو قافلو پرجي آيو (2) حضرت جن ڪي چيائون ته. پلائي ڪري ٻڌايو، ته نئون سوداگر ڪير آهي.

جن لفظن مان ڪم جي معنيٰ نڪري، سي لفظ فعل آهن (فعل معنيٰ ڪم)

(1) موتي گهر ۾ آهي. (2) عثمان هٽ تي آهي. هنن جملن ۾ موتي ۽ عثمان ڪم ڪونه ٿا ڪن، پر اِها خبر پوي ٿي ته موتي ۽ عثمان آهن، يعنيٰ انهن مان هجڻ يا هئڻ جي معنيٰ نڪري ٿي. هيٺين جملن ۾ اُهي لفظ چونڊيو، جن مان هجڻ يا هئڻ جي معني نڪري:-

(1) ملان دوپيازو مسخرو هو. (2) حضور جي اڳيان حاضر آهيان. (3)گل جا چار پاڱا آهن. (4) زيتون جي ڪل ڳر سان ڳنڍيل آهي. (5) ڪراچي سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ آهي.

جن لفظن مان هجڻ يا هئڻ جي معنيٰ نڪري، تن کي فعل چئبو آهي.
گوپال مارجي ٿو. هن جملي ۾ گوپال پاڻ تي مار جو ڪم سهي ٿو.
ڏڏ ولوڙجي پيو. هن جملي ۾ ڏڏ پاڻ تي ولوڙجڻ جو ڪم سهي ٿو.
هيٺين جملن مان اهڙا لفظ چونڊيو: جن مان سهڻ جي معنيٰ نڪري:-
(1) مڇيون مارجن ٿيون (2) وار ڪوڙجن ٿا. (3) ڏيا ٻارجن ٿا. (4) ڏاهر مارجي ويو.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

اهڙا لفظ جي ڏيکارين ته ڪنهن اِسم تي ڪو ٿيو آهي، تن کي فعل ڪوٺبو آهي.
ياد ڪريو: فعل اُهو لفظ آهي، جنهن ۾ ڪرڻ، هئڻ يا سهڻ جي معنيٰ نڪري ٿي.

## سوال

(1) هيٺين اسمن پٺيان اَهڙا فعل وجهو جي ڪم ڪرڻ جي معنيٰ ڏيکارين:-
گهوڙو، گاڏي، موهن، تارا بائي، عمر.
(2) هيٺين اِسمن جي پٺيان اَهڙا فعل وجهو، جن مان هئڻ يا هجڻ جي معنيٰ نڪري:-
گلي، ڪراچي، ٻاڙهائڻ، پکي، ڪتا
(3) هيٺين جملن مان فعل چونڊيو ۽ ٻڌايو ته انهن مان ڇاجي معنيٰ نڪري ٿي:-
1- پرتاب سنگهه نيٺ چتور وڃي هٿ ڪيو.
2- گهڻن ماڻهن جي اهڙي عادت ٿيندي آهي جو واٽ پنڌ ڪو منڊو ڏسن، ته ٻيهي مٿس کلن.
3- راجا ڏاهر ڏاڍي بهادريءَ سان وڙهيو، پر نيٺ مارجي ويو.
اِستعمال لاءِ فعل جا ڪي مثال:-
ڪم ڪرڻ جي معنيٰ وارا لفظ: ڊوڙيو. جيتيو. ڪيو. ورتو. سمهيو. رهيو. ڏنو. پٽيو. ويٺو. ٿيندو. گسائيو. ڪليو. پهتو. آڇيو وغيره.
هئڻ جي معنيٰ وارا لفظ:- هو. هئي. هوندي. آهي. هوندو. هجن. آهيون. آهيان. آهن وغيره
سهڻ جي معنيٰ وارا لفظ: ڪسجي. مارجي. ٻارجي. هڪالجي. ڪوڙجي. جيت جي. ڏڪجي. وڪامجي وغيره.

## سبق چهون (ضمير)

(1) حضرت عثمان سخي مرد هو. حضرت عثمان جن ڪيترا خير جا ڪم ڪيا.
(2) حضرت عثمان سخي مرد هو، جنهن ڪيترا خير جا ڪم ڪيا. ٻئي جملي ۾ حضرت عثمان بدران ”جنهن“ لفظ ڪم آندل آهي. ”رام جڏهن بن ويو، تڏهن هن سان سيتا ۽ لڪڇمڻ بہ گڏجي هليا“. هن جملي ۾ ”هن“ لفظ رام اسم جي بدران آيو آهي.
هيٺين جملن ۾ جتي نهي اچي، تتي اسم جي بدران ٻيا لفظ وجهي ڏيکاريو:-
(1) جوڌ پور جي راجا ڏي وڪيل ڪري مڪائين، ته وڃي، جوڌ پور جي راجا کان پڇي اچ ته جوڌ پور جي راجائن جو راڄ ڇا جي ڪري ٿو جتاءُ ڪري. (2) برڪن


www.sindhsalamat.com
سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

هيڊ جهاز لشڪر ڪٽي سير ڪندو پئي ويو. برڪن هيڊ جهاز ۾ 642 ماڻهو چڙهيل هئا. (3 )گوئا هندستان ۾ پور چو گيزن جو وڏو مشهور شهر آهي. گوئا شهر ڏي سن 1884ع ۾ پور چوگيزن جو هڪڙو جهاز لزبن شهر مان آيو تي (4) ليسيس نالي فرينچ انجنيئر ٿيو آهي. ليسيس سويز ڳچي ڌرتيءَ مان هڪ واهه کوٽايو هو.

جيڪي لفظ اسمن جي بدران اچي جملي کي سهڻو ڪن، اهڙن لفظن کي ضمير چئجي ٿو.

ياد ڪريو:- ضمير اهو لفظ آهي جو اسم جي بدران ڪم اچي ٿو. (ضمير معنيٰ بدران )

## استعمال لاءِ نمبرن جا مثال:_

آءٌ، مان، اسين، مون، اسان، تو، تون، توهين، تومان، توهان ،توهين، اوهين، او، هو ،هوءَ ، ان، هن، انهن، هنن، اِهي،اِها، انهيءَ، پاڻ خود، پنڊ جو، جي، جا، جنهن، جن، جيڪو، جيڪي، جيڪا، جنهن، پنهنجي، پنهنجو، جڏهن، ڪنهن، جن، ڪن، سو، سي، سا، تنهن، تن، ڪو، ڪي، ڪا، ڪنهن، ڪن، ڪير، ڪهڙو، ڪهڙا، ڪهڙي، ڪهڙن، ڪهڙين، ڪهڙيون، ڇا، ڪڇاڙو وغيره

## سوال

(1) ضميرن ڪم آڻڻ ڪري جملن تي ڪهڙو اثر ٿئي ٿو

(2) هيٺين سٽن مان ضمير چونڊيو ۽ ٻڌايو تہ ڪهڙن اسمن جي بدران ڪم آيل آهن:

(1) پرٿوي راج جي دل ڏسي، تہ مان هن دلير زال سان شادي ڪريان. پر تارا بائي چوي، تہ شادي مان انهيءَ سان ڪنديس، جو ٽردا شهر منهنجي پيءُ کي وٺي ڏيندو. (2) مختيار ڪار جو پٽ اتي وٺيو هو. تنهن زميندار کان پڇيو ، تہ ”ڪهڙو حال آهي. توهان ماڻهن جو هن جواب ڏنو تہ ”سائين اسان جو گذر آهي ڪيتيءَ تي.

(3) ضمير جي وصف ڏيو.

## سبق ستون ( صفت)

لڇمڻ چڱو چوڪر آهي. گلي ڏاهي ڇوڪري آهي. چڱو لفظ لڇمڻ جو گڻ ٿو ڏيکاري، تہ لڇمڻ ۾ بہ چڱائيءَ جو گڻ آهي. ڏاهي لفظ گليءَ جو گڻ ٿو ڏيکاري، تہ گليءَ ۾ ڏاهپ جو گڻ يعني خاصيت آهي.

سون مهانگو آهي. هن جملي ۾ مهانگو لفظ ڏيکاري ٿو تہ شئي ڪهڙي قسم جي آهي.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

هيٺين جملن ۾ خالي جائن تي اهڙا لفظ وجهو، جي اسم جو گڻ يعني خاصيت يا قسم ڏيکارين.

(1) ....... قاضي آهي. (2) ....... سوداگر آهي. (3) حضرت عثمان ....... هو. (4) ملان دوپيازو ....... هو. (5) وڻ جا پن ....... آهن.

تون ڪنو آهين. هن جملي ۾ ڪنو جي لفظ تون ”ضمير“ جي خاصيت ٿو ڏيکاري. هو سخت هو هن جملي ۾ سخت لفظ ”هو ضمير“ جو قسم ڏيکاري ٿو.

- يعني خاصيت جي معني چڱو گڻ ۽ خراب گڻ ٻئي سمجهڻ گهرجن.

هيٺين ضميرن جي پٺيان اهڙا لفظ وجهو، جي ضمير جي گڻ يعني خاصيت يا قسم ڏيکارين:

(1) آءُ....... آهيان (2) تون....... آهين (3) هو ...... آهي.

جن لفظن مان اسم يا ضمير جو گڻ يعني خاصيت يا قسم جي خبر پوي، اهڙن لفظن کي صفت چئبو آهي.

(1) مون کي ڏهه رپيا گهرجن. (2) لشڪر ۾ پنج سؤ سولجر هئا. ”ڏهه“ لفظ ”روپيه اسم“ جو انداز ڏيکاري ٿو. ”پنج سؤ“ لفظ ”سولجر اسم“ جو انداز ڏيکاري ٿو.

هيٺين جملن مان اهڙا لفظ ڳوليو، جي اسم جو انداز ڏيکارين:-

(1) انهيءَ شهر ڏي سنه 1585ع ۾ پور چوگيزن جو هڪڙو جهاز 1200 ماڻهو ڪنيون تي آيو. (2) توکي گهڻا انب گهرجن؟ (3) هو ڪيترن ڏينهن کان پوءِ آيو. (4) تون ٿوري گهڙي تي رسندو آهين.

جيڪي لفظ اسم جو اندازو ڏيکارين، تن کي صفت چئبو آهي.

ياد ڪريو: صفت اُهو لفظ آهي، جو اسم يا ضمير جو گڻ يعني خاصيت يا قسم يا انداز ڏيکاري ٿو ۽ انهن سان لڳي ٿو.

(صفت معنيٰ گڻ)

## امتحاني سوال

(1) هيٺين جملن مان صفتون چونڊيو ۽ ٻڌايو تہ منجهائن ڇا جي معنيٰ نڪري ٿي:-

(1) پرنا بسنگهه وڏو بهادر هو، تنهن پڪوپهه ڪيو تہ چتور ضرور وٺندا، (2) پڪل ليمي جو رنگ پيلو ٿئي ٿو ۽ سندس رس جو ذائقو کٽو ٿئي ٿو.

(2) صفت جي معنيٰ ڇا آهي.؟

(3)صفت ڇا سان لڳي ٿو؟

استعمال لاءِ ڪن صفتن جا مثال هيٺ ڏجن ٿا.



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

(1) خاصيت ۽ قسم ڏيکاريندڙ

اَڇو، سائو، اُجرو، گدلو، ناڪام، سست، داناءُ، جاهل، تاهوڪو، آلو، ٽوٽ، وفادار، ڪمبخت، نحس، محتاج، پورڙو، نماڻو، ڦڪو، نازڪ، شوخ، شريف، ارجمند، مسخرو، خوش خلق، انڌو، تکو، سکيو ستابو، سرد، ڪوسو، ڪنگال، ڪنجوس، نجس، جوٺو، داناءُ، خيرخواهه، صلح پسند، جهان پناه، ننگ پرور، تيرٿ واسي، مدبر، سياح، سوپارو، مطلبي، رحمدل، سفارشي ، مرحوم، سهاڳڻ، اداس، ضعيف، بي وس، آجو، ڪچو، مانيٽو

انداز ڏيکاريندڙ:- سڀ ڪو، هر ڪنهن، اڌ، ڏيڍ، سوين، هزارين، ڪامل، شاهي، منڊرو، ننڍڙو، عاليشان، ٿورو، ڍگهو، بندرو، ڪجهه، ڳچ، بيشمار، اٽڪٽ، ايترو، ايڏو، جيڏو وغيره.

## سبق اٺون (ظرف)

”چيتن سياڻي ويندو“ هن جملي ۾ لفظ سياڻي ويندو، فعل سان لڳي ٿو ۽ سياڻي مان وقت جي معنيٰ نڪري ٿي. هيٺين سٽن مان اهڙا لفظ ڳوليو جي فعل سان لڳن ۽ منجهائن وقت جي معنيٰ نڪري.

(1) مان هڪدم ڪم پورو ڪندس. (2) موهن اڄ سکر ويندو (3) احمد هينئر آيو آهي. (4) راڌي جلد وڃ.

اهڙا لفظ جيڪي فعل سان لڳن ۽ منجهائن وقت جي معنيٰ نڪري، تن لفظن کي ظرف چئبو آهي.

خير! پري ٿي بيهه. هن جملي ۾ ”پري“ لفظ مان جاءِ جي معنيٰ نڪري ٿي ۽ پري ”بيهه“ فعل سان لڳي ٿو. هينئر هيٺ اچ. هن جملي ۾ ”هيٺ“ لفظ مان جاءِ جي معنيٰ نڪري ٿي. هيٺ ”اچ“ فعل سان لڳي ٿو.

هيٺين سٽن مان اهڙا لفظ چونڊيو، جن مان جاءِ جي معنيٰ نڪري ٿي:- (1) لشڪر هوڏانهن ويو. (2) مان هت رهندس (3) ڪليڪٽر مٿي رهندو آهي. (4) قدم اڳتي ڪڻ.

جن لفظن مان جاءِ جي معنيٰ نڪري تن لفظن کي ظرف چئبو آهي.

(3) عثمان تڪڙو ڊوڙيو. هن جملي ۾ ڊوڙيو لفظ ”فعل“ آهي. ۽ تڪڙو لفظ“ ڊڙيو فعل جي ريت ٿو ڏيکاري، ته ڪهڙي ريت ڊوڙيو ۽ تڪڙو لفظ ڊوڙيو ”فعل“ سان لڳي ٿو.

هيٺين سٽن ۾ فعل جي اڳيان اهڙا لفظ وجهو، جيڪي ريت جي معنيٰ ڏيکارين ۽ فعل سان لاڳاپو رکن (1) هو.... هليو. (2) ريل گاڏي......... هلي ٿي. (3) علي....... پڙهي ٿو. (4) هيمي ........... آئي.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

اهي فعل سان لاڳاپو رکندڙ لفظ جن مان ريت جي معنيٰ نڪري، تن کي ظرف چئبو آهي.

(4) گلاب گهٽو ڪاڙو. هن جملي ۾ ڪاڙو لفظ ”فعل“ آهي. ۽ ”گهٽو“ لفظ ساڻس لاڳاپو رکي ٿو ۽ فعل جو قدر ڏيکاري ٿو، ته ڪيتري قدر ڪاڙو يعني ”گهٽو“ لفظ قدر جي معنيٰ ڏيکاري ٿو. هيٺين سٽن مان اهڙا لفظ جي فعل سان لڳن ۽ منجهائن قدر جي معنيٰ نڪري:-

(1) جمنا ايترو ڊوڙي جو ٿڪجي پيئي.

(2) مزوري ڪيتري وٺندين؟

(3) چورن کي بيحد پڇٽو پيو.

اهڙا لفظ جيڪي فعل سان لڳن ۽ منجهائن قدر جي معنيٰ نڪري، تن لفظن کي ظرف چئبو آهي.

آءُ ڪين هلندس. هن جملي ۾ ”هلندس“ فعل سان ”ڪين“ لفظ لڳو پيو آهي. جيڪو ناڪار جي معنيٰ ڏيکاري ٿو.

هيٺين خالي جاين تي اهڙا لفظ وجهو، جي ناڪار جي معنيٰ ڏيکارين ۽ فعل سان لڳن:-

(1) گوپال........ ويو. (2) ڪوڙ......... ڳالهاءِ (3) ٻڌڻ ڏئيس ئي........ (4) ڪندس......... ڪچي.

## سبق نائون (ظرف هلي پيو)

(1) خانو ڪيڏو چڙيو (3) خانو ڪيڏو لچ ماڻهو آهي، پهرين جملي ۾ ڪيڏو ”ظرف“ چڙيو ”فعل“ سان لڳي ٿو ٻئي جملي ۾ ڪيڏو ”ظرف“ لچ ”صفت“ سان لڳي ٿو.

اسان متي سکيا آهيون، ته ظرف ”فعل“ سان لڳي ٿو، هينر سکياسين ته ظرف ”صفت“ سان به لڳندو آهي.

هيٺين جملن مان اُهي ظرف ڳوليو جي صفت سان لڳن:

(1) مس تمام گهاٽي آهي. (2) کير بيحد مٺو آهي. (3) هر جيون ڏاڍو سپٽيو هو. (4) پن بلڪل ساوا آهن.

(1) گهوڙو تڪڙو ڊوڙيو. (2) گهوڙو تمام تڪڙو ڊوڙيو. پهرين جملي ۾ تڪڙو ”ظرف“ ڊوڙيو ”فعل“ سان لڳي ٿو ۽ ٻئي جملي ۾ تمام ”ظرف“ تڪڙو ”ظرف“ سان لڳي ٿو ۽ تمام ”لفظ“ مان قدر جي معنيٰ نڪري ٿي.

هيٺين جملن ان اهڙا ظرف ڳوليو، جيڪي ٻئي ظرف سان لڳن ۽ منجهائن قدر جي معنيٰ نڪري:


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

(1) راڌي اسڪول ۾ تمام دير سان آئي.
(2) دين محمد بلڪل گھٽو ڪاڌو.
(3) موٽر گاڏي ڌاڍي تکي هلايائين.
(4) قاسم ڪيترو پري ويو.

هاڻي اسين سکياسين، تہ ظرف بعضي فعل سان، بعضي صفت سان ۽ بعضي ٻئي ظرف سان لڳندو آهي. ۽ فعل، صفت يا ٻئي ظرف جو وڌيڪ احوال ڏيندو آهي.

ياد ڪريو: ظرف اُهو لفظ آهي، جيڪو فعل، صفت يا ٻئي ظرف سان لڳي ٿو ۽ ان مان وقت، جاءِ، ريت، قدر يا ناڪار جي معنيٰ ڪري ٿي.

(ظرف معنيٰ فائدو ڏيڪاريندڙ لفظ)

## استعمال لاءِ ظرف جا ڪي مثال:

وقت جي معنيٰ ڏيڪاريندڙ لفظ:اڳيئي، سياڻي، هاڻي، اڄ، ڪالهہ، ٽاڻي، ڏهاڙي، روز بروز، مهيني سر مهيني، سدائين، پوءِ، نيٺ، آخر، تانجو، جهٽ پٽ، ٺهہ ڦهہ، يڪدم، اُ مالڪ، پهريائين. اول، پشت بہ پشت، ٻارهو ئي، بعضي، ڪڏهن ڪڏهن، اڃا، جان، سَتت ئي، جلد ئي، وري، اويل سويل، گهڙي ڪن، پهرپار چو، بالفعل، حال في الحال وغيره.

جاءِ جي معنيٰ ڏيڪاريندڙ:- هيٺيان، مٿان، اندران، ٻاهران، جتي، ڪٿي، جت، ڪٿ، تت، تتي، چوڌاري، چوگرد، اوري، پريان، ويجهو، هيڏانهن، مون ڏانهن، اڳيان، پٺيان، هنڌين ماڳين، جيڏانهن، تيڏانهن وغيره.

ريت ۽ قدر جي معنيٰ ڏيڪاريندڙ:- مس مس، سچ پچ، ضرور، پڪي، هرگز، بلڪل، اصل، قدر، ڪي قدر، گھٽو ڪري، ڪهڙو نہ، هوريان، آهستي، ڍلو، ڌاڍيان، دليون، جانيون، جهڙو تهڙو، جيئن، تيئن، جاٽي واٽي، پرايو، درست، مفت، اجايو، ظاهر پڌرو، تخميني، روءِ، اٽڪل، دوبدو، اُبتڙ، برخلاف، آنو، ڪڪ، اُبتو سبتو، نرالا، جدا جدا، هيئن هوئن، اصلي، لس ئي لس، البت، خاص ڪري، اڪثر، خصوص، زيادهہ، وڌيڪ اُتلو، هيڪاري، ويتر، البت، ڪي قدرن، ڪجهہ، پورو، راس، پاڻيهي، از خود، روءِ سوءِ وغيره

ناڪار جي معنيٰ ڏيڪاريندڙ:- نہ ، ڪين وغيره

**سوال:_**

هيٺين آکاڻيءَ ۾ ظرف ڳوليو. ۽ ٻڌايو تہ اُهي ڇا سان لڳن ٿا ۽ منجهائن ڇا جي معنيٰ نڪري ٿي:-

ڪنهن سمي هڪ ڌاڙيل هڪ گهر ۾ اندر گهڙي ويو. هو چوري ڪري ٻاهر



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

نڪتو ٿي، تہ گهر جو مالڪ يڪدم پنيان پيس ۽ وچي ڪيس پڪڙيائين ، ڌاڙيل گهٽوئي ڦڙڪيو، پر مالڪ بلڪل زورآور هو، جنهن ڌاڙيل کي تمام گهٽي مار ڏني، جنهن ڪري ڌاڙيل ڏاڍو رنو، سڀ مال اتي ئي اڇلايائين، تڏهن مالڪ مس مس ڇڏيس.

(2) ٻڌايو تہ جڏهن ظرف، ٻئي ظرف سان لڳندو آهي، تڏهن منجهانئس ڇا جي معنيٰ نڪري ٿي.

(3) هيٺين خالي جاين تي ٿهندڙ ظرف وجهو:-

(1) ....... نت پاڻ لڇايان. (2).......... اسان جو بادشاهہ ايڊورڊ اٺون آهي.

(3)اسان کي گهرجي تہ ................ ڪائون (4) توهان .......... هلو.

## سبق ڏهون (حرف جر)

(1) فقير ويو، (2) فقير محلات ويو.

پهرين جملي مان مطلب پورو نڪري ٿو، پر ٻئي جملي مان مطلب پورو ڪين ٿو نڪري، تنهنڪري ٻيو جملو جيڪڏهن هيٺين نمونن ۾ لکبو تہ پورو مطلب نڪري ايندو:

فقير محلات ۾ ويو.

فقير محلات ڪان ويو

فقير محلات مان ويو.

فقير محلات ڏي ويو.

۾، ڪان، مان، ڏي؛ اِهي لفظ فقير ”اسم“ جو محلات سان لاڳاپو ڏيکارين ٿا.

هيٺين خالي جاين تي اهڙا لفظ وجهو، جي اِسم جو ٻئي لفظ سان لاڳاپو ڏيکارين:-

(1) گلاب باغ..... ويو. (2) احمد...... پهتو.

(3) زيتون باغ..... ٿين ٿا. (4) گهہ نديءَ ...... ڪرپرو آهي.

اهڙا لفظ جي اسم جو ٻئي لفظ سان لاڳاپو ڏيکارين تن لفظن کي حرف جر چئبو آهي.

هُو ڪراچي ڏي ويو. هن جملي ۾ ڏي لفظ ”هُو“ ضمير جو ڪراچيءَ سان لاڳاپو ڏيکاري ٿو.

هيٺين جملن مان اَهڙا لفظ چونديو، جي ضمير جو ٻئي لفظ سان لاڳاپو ڏيکارين:-

(1) هن کي مار ملي (2) تون اسٽيشن تي وڃ. (3) آءٌ جهاز ۾ چڙهندس. (4) هو ڪوٺي تان ڪري پيو.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

اهڙا لفظ جي ضمير جي ٻئي لفظ سان لاڳاپو ڏيکارين تن کي حرف جر چئبو آهي.

ياد ڪريو: حرف جر اُهو لفظ هي، جو اسم يا ضمير جي پٺيان اچي ٿو ۽ اسم يا ضمير جو ٻئي لفظ سان لاڳاپو ڏيکاري ٿو.

(جر معنيٰ ڇڪيندڙ يا ڳنڍيندڙ)

اِستعمال لاءِ حرف جر جا ڪي مثال

جو، سندو، کي، کان، کون، ۾، مان، مون، منجھ، منجهان، سان، سين، ساڻ، سوڌو پر، وٽ، وٽان، وٽون، ري، سواءِ، کان، بنا، ڌاران، ٻاجهون، بدران، عيوض، پاران، تي،تان، تون، جي، مٿان، پر، واريون، لاءِ، ڪاڻ، واسطي، وگهي، سبب، وغيره

## سوال

(1) حرف جر جي وصف ڏيو.

(2) حرف جر جي معنيٰ کولي سمجهايو.

## سبق يارهون ( حرف جملو)

(1) جمال الدين ۽ جمڙو گڏجي آيا.

(2) پينسل يا قلم ڏي،(3) هو هوشيار پر لچ آهي. (4) شربت نت پاڻي ڏي.

۽ ”لفظ“ جمال الدين ۽ جمڙي کي پاڻي ۾ ڳنڍي ٿو. يا ”لفظ“ پينسل ۽ قلم کي ڳنڍي ٿو. پر ”لفظ“ هوشيار ۽ لچ کي ڳنڍي ٿو، نت شربت ۽ پاڻيءَ کي ڳنڍي ٿو.

جيڪي لفظ ٻن لفظن کي ڳنڍين، تن کي حرف جملو چئبو آهي.

(1) سياڻي مان سکر ۽ گوبند حيدرآباد ويندو (2) هريش جهاز تي يا، ريل ۾ ويندو،. (3) نقشو ننڍو پر ڏاڍو سٺو آهي. پهرين جملي ۾ ”۽“ لفظ ”سياڻي مان سکر“، جملي جي هڪ ڀاڱي کي ”گوبند حيدرآباد ويندو.“ جملي جي ٻئي ڀاڱي سان ڳنڍي ٿو.

ٻئي جملي ۾ يا ”لفظ“ جملي جي ٻن ڀاڱن کي ڳنڍي ٿو. ٽئين جملي ۾ پر ”لفظ“ جملي جي ٻن ڀاڱن کي ڳنڍي ٿو.

جي لفظ جملي جي ٻن ڀاڱن کي ڳنڍين تن لفظن کي حرف جملو چئبو آهي.

مون کي پاڻي ڏي، تہ آءُ پيان. هن سٽ ۾ تہ ”لفظ“ ٻن جملن کي ڳنڍي ٿو:- هڪڙو ”مون کي پاڻي ڏي“ ٻيو ”آءٌ پيان.“

اهڙا لفظ جي ٻن جملن کي ڳنڍين تن کي حرف جملو چئبو آهي.

ياد ڪريو: حرف جملو اُهو لفظ آهي ، جو ٻن لفظن يا جملي جي ٻن ڀاڱن يا ٻن جملن کي فقط: ڳنڍڻ جو ڪم ڪري ٿو.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

(جملو معنيٰ ڳنڍڻ)

**استعمال لاءِ حرف جملو جا ڪي مثال:-**

۽، نہ، پہ، تہ، پڻ، پر، ڪ، جي، جيڪڏهن، جيڪر، توڙي، توڻي، اگرچہ، جيتوڻيڪ، متان، جڻ، ڄڻڪ، نت، جيئن تہ، بلڪ، يعني، تنهن ڪري، ڇيهہ، ڇاڪاڻ تہ وغيره.

## سوال

هيٺين سٽن مان حرف جملي وارا لفظ ڳوليو ۽ ٻڌايو تہ اُهي ڇا ٿا ڪن؟

- شينهن ۽ چيتو پاڻ ۾ وڙهيا پر شينهن، چيتي کي ماري ڇڏيو. هاٿي جيتوڻيڪ زبردست جانور آهي، اهو پهلوان جي ڇٽيءَ ۾ رهي ٿو.
- ڪڏهن ڪڏهن حرف جر لاڳاپي ڏيکارڻ سان گڏ ڳنڍڻ جو ڪم بہ ڪندو آهي. پر حرف جملو فقط ڳنڍڻ جو ڪم ڪري ٿو.

## سبق ٻارهون (حرف ندا)

(1) اي علي! هيڏانهن اچ. هن مان سڏ جي معنيٰ نڪري ٿي. (2) واهہ! مان هاٿي کهڙو تکڙو ويڙهي ٿو وڃان. هن مان خوشيءَ جي معنيٰ نڪري ٿي. (3) هاءِ هاءِ! منهنجو گهر ئي ڦرجي ويو. هن مان ارمان جي معنيٰ نڪري ٿي. (4) مار! هيءُ ڪيڏو ڏگهو نانگ آهي. هن مان عجب جي معنيٰ نڪري ٿي. (5) شل! تون جئندين. هن مان سڌ جي معنيٰ نڪري ٿي. (6) ٻہ ڏ! مٿو ڪائي ويو آهين. هن مان ڪاوڙ جي معنيٰ نڪري ٿي. (7) تو! ڦٽ لعنت هجي انهيءَ ماڻهو کي جو زالن سان وڙهي. هن مان ڌڪار جي معنيٰ نڪري ٿي. (8) ڇ! منهن تہ ڏسوس، هي آيو آهي قلعو وٺڻ. هن مان پڻ ڌڪار جي معنيٰ نڪري ٿي.

مٿين اٺن جملن ۾ ڏسبو، تہ هيٺيان لفظ جملن کان ڌار بيٺا آهن.

اي (علي)، واهہ، هاءِ هاءِ، مار، شل ٻہ ڏ، ڇ، تو.

اهڙا لفظ جي جملي ۾ اڪثر ڌار بيٺا هجن. ۽ منجهائنس سڏ يا سڌ يعني خواهش يا خوشي يا ارمان، يا عجب يا ڪاوڙ يا ڌڪار، معلوم ٿئي، تڏهين اهڙن لفظن کي حرف ندا چئبو آهي.

هيٺين سٽن مان حرف ندا وارا لفظ ڪڍو. ٻڌايو، تہ اُهي ڇا جي لاءِ ڪم آيل آهن:-

(1) شال توهان جا ٻچا ٻچن! (2) اڙي! ڪمينا هتان هليو وڃ. (3) گهوڙاڙي گهوڙا! مان توبهہ ڪئي. (4) مرمرڪي اُها ماءُ، جنهن کي سورهيہ پٽ هجن! (5) حيف


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

انهن جي حال تي، جي هيٺن تي حملو ڪن! (6) شاباس هجيئي پٽ جو سچ ڳالهايو اٿيئي! (8) جيءُ ائين نچ آئين! (8) فقيرن جي گهر خيرئي خير!

ياد ڪريو: حرف ندا اُهو لفظ آهي، جو سڏ ڪرڻ ۾ اچي ٿو، يا منجهائنس دل جي حالت جيئن سڏ يعني خواهش، خوشي، ارمان، عجب، ڪاوڙ، يا ڏکار معلوم ٿئي ٿو، اُهو لفظ اڪثر جملي کان ڌار بيٺل هوندو آهي (ندا معنيٰ سڏ ڪرڻ)

## سوال

هيٺين خالي جاين تي اهڙا لفظ وجهو جي حرف ندا جا لفظ هجن:-

(1) هيءُ کهڙو........ آهي. (2) اسين ته ڏسي ........ تي وياسون (3)........ هيءَ ڪيڏو نانگ آهي، (3) ........ مري وڃين.

## حرف ندا جا ڪي مثال

اي، او، اڙي، اها ، يلي، گهوڙا ڙي، هيءَ، هاءِ، هوءَ، الاڙي، شاباس، آفرين، جس، چه، هون، مر، پلي، نڇ، جيءَ، شال، الاجي، نڄاڻا، من، واهه، مار، خيرئي خير، هُون: ٿو، آهه، شل، متان، ڦٽ، ،لعنت وغيره.

## سبق تيرهون (ترڪيب)

هينئر اسان گرامر جا اٺ لفظ سکياسون.

(1) اسم (2) فعل (3) ضمير (4) صفت (5) ظرف (6) حرف جر (7) حرف جملو (8) حرف ندا. انهن اَٺن لفظن کي ڳالهائڻ جا لفظ چون ٿا. اهڙو ڪو به لفظ ڪونه ليندو جو انهن اٺن دفعن مان هڪڙي نه ٻئي دفعي ۾ اچي نه سگهندو.

ترڪيب ڇا کي چئجي؟ جملن ۾ جيڪي لفظ اچن سي گرامر جي اٺن دفعن مان ڪهڙن ڪهڙن دفعن ۾ آهن، سي چئي ٻڌائڻ تنهن کي ترڪيب چئجي ٿو.

ترڪيب جو ڍنگ:- ترڪيب هرويرو لفظ ڏسي، ڪرڻ نه گهرجي، پر لفظ جي معنيٰ ۽ ڪم تي ويچار ڪري، پوءِ ڪجي، ڇاڪاڻ ته ڪيترا لفظ آهن: جي هڪ جملي ۾ گرامر جو هڪ روپ، ۽ ٻئي جملي ۾ گرامر جو ٻيو روپ وٺن ٿا. اهڙا ڪي مثال هيٺ ڏجن ٿا.

ڪي لفظ هڪ جملي ۾ اسم، نه ٻئي جملي ۾ فعل ٿين ٿا. جيئن ته:- (1) جعفر، منگن کي ماني لاءِ چيو، (2) استاد جو چيو مڃڻ چڱو آهي. پهرين جملي ۾ چيو ”لفظ“ فعل آهي، ته ٻئي جملي ۾ چيو ”لفظ“ اِسم آهي.

ساڳيا لفظ اسم به ٿي سگهن ٿا، ۽ صفت به ٿي سگهن ٿا. جيئن ته:- (1) پنير ڪوڙو آهي. (2) ڪوڙو حجم متو ڪوڙي ٿو.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

- متي گرامر جي ڪيترن لفظن جا مثال ڏنل آهي، اُهي مثال هرويرو گرامر جي انهيءَ لفظ جا سمجهڻ نہ گهرجن. جو تہ بعضي ڪي مثال ڪن جملن ۾ ٻين گرامر جا ٻيا لفظ ٿين ٿا، تنهنڪري معنيٰ ۽ ڪم تي وڌيڪ ڌيان ڏجي.

پهرين جملي ۾ ڪوڙو "لفظ" صفت آهي. ٻئي جملي ۾ ڪوڙو لفظ اِسم آهي.

ڪي لفظ ڪنهن هنڌ صفت تہ ڪنهن هنڌ ظرف ٿين ٿا، جيئن تہ:- (1) مکڻ ٿورو آهي. (1) ٿورو هوريان پڙهو. پهرين جملي ۾ ٿورو "لفظ" صفت آهي ٻئي جملي ۾ ٿورو "لفظ" ظرف آهي.

ڪي لفظ هڪ جملي ۾ ضمير ۽ ٻئي جملي ۾ حرف جر ٿين ٿا جيئن تہ:- (1) جو ڪندو سو پائيندو. (2) گو ڪل جو پڙهڻ چڱو آهي. پهرين جملي ۾ جو لفظ ضمير ٻئي جملي ۾ جو "لفظ" حرف جر آهي.

ڪي لفظ هڪ جملي ۾ اِسم ۽ ٻئي جملي ۾ حرف ندا ٿين ٿا، جيئن تہ:- (1) بغداد جي بادشاهہ سنڌ تي ڪاهي ڪئي. (2) بغداد ڙي! منهنجو گهر ئي ڦرجي ويو. پهرين جملي بغداد "لفظ" اِسم ۽ ٻئي جملي ۾ بغداد "لفظ" حرف ندا آهي.

ڪي لفظ هڪ هنڌ حرف جر ۽ ٻئي هنڌ حرف جملو ٿين ٿا، جيئن تہ:- (1) شاهہ جو سياءُ سانت ڪو هو. (2) سامي امرت سر وڃي رهيو، جو اتي سندس گُرو هو. پهرين جملي جو "لفظ" حرف جر آهي ۽ ٻئي جملي ۾ جو "لفظ" حرف جملو آهي.

ڪي لفظ هڪ جملي ۾ حرف جر تہ ٻئي جملي ۾ ظرف ٿيا. جيئن تہ :- (1) گلن مٿان جيت ويهن ٿا. (2) انب مٿان لاهي اچ. پهرين جملي ۾ مٿان "لفظ" حرف جر ۽ ٻئي جملي مٿان "لفظ" ظرف آهي.

ڪي لفظ هڪ جملي ۾ حرف جر ۽ ٻئي جملي ۾ فعل ٿين ٿا، جيئن تہ:- (1) مون ڪي ڪير ڏي. (2) منهنجا لعل چند ڏي ڪتاب آهن. پهرين جملي ۾ ڏي، "لفظ" فعل آهي. ٻئي جملي ۾ ڏي "لفظ" حرف جر آهي.

## سبق چوڏهون (ترڪيب جو نمونو)

(1) ويڙهي مل جي ڪتب خاني ۾ هر قسم جا ڪتاب ڪفائتي ملي سگهن ٿا.

"ويڙهو مل" اِسم، "جي" حرف جر "ڪتب خاني"، اِسم، "۾" حرف جر، "هر" صفت، "قسم" اسم، "جا" حرف جر، "ڪتاب"اسم، ڪفائتي" ظرف، "ملي سگهن ٿا." فعل. (2) مار! تون ۽ گوپال کهڙا نہ گدلا ٻار آهيو. "مار!" حرف ندا. "تون" ضمير، "۽" حرف جملو، "گوپال" اِسم، "کهڙا نہ" ظرف، "گدلا" صفت، "ٻار" اِسم "آهيو" فعل.

### استعمالي سوال

(1) ڳالهائڻ جا لفظ ڪهڙا آهن.؟



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

(2) ترڪيب ڇا کي چئجي؟
(3) ترڪيب ڪرڻ وقت لفظ لاءِ ڪهڙين ڳالهين جو خيال رکڻ گهرجي؟
(4) اهڙا ٻه مثال ڏيو، جي لفظ هڪ جملي ۾ اسم ۽ ٻئي جملي ۾ فعل ٿين.
(5) اهڙا ٻه مثال ڏيو جي لفظ هڪ جملي ۾ ضمير ۽ ٻئي جملي ۾ حرف جر ٿين.
(6) چوٿين ڪتاب جي ڏهين سبق جي پهرين پندرهن سٽن جي ترڪيب ڪريو ۽ هر هڪ لفظ جي حالت ۾ ٻڌايو، اُن لفظ کي اهو نالو ڇو ٿا ڏيو.
(7) هيٺين خالي جاين ۾ صفتون وجهو:-
(1) ..... ڇوڪر پاڻ وڙهڻ لڳا. (2) پيٽيءَ ۾ ....... روپيا پيا آهن. (3) توکي، مون کي ۽ ...... کي ڪنهن پيدا ڪيو آهي.
(8) هيٺين خالي جاين ۾ ظرف وجهو:-
(1) ...... نت پاڻ لڄايان (2) ڪيول اسڪول .... آيو. (3) موٽر.... هلڻ لڳو
(9) هيٺين خالي جاين ۾ حرف جر وجهو:-
(1) علي محمد اسڪول %. ويو. (2) هو بازار.... هوندو. (3) گاڏيءَ ..... چڙهه.
(10) هيٺيان لفظ ڏار جملن ۾ ڪم آڻي ثابت ڪريو ته ڪتي اِسم آهن ۽ ڪتي صفت آهن:-
مٺو، ڪوڙو.

## سبق پندرهون (اسم جا قسم)

علي محمد سڀ ڪنهن ڇوڪر کان هوشيار آهي. هن جملي ۾ علي محمد ۽ ڇوڪرا ۽ اِسم آهن. ٻنهي اِسمن ۾ هي فرق آهي جو علي محمد هڪ مقرر نالو آهي. ۽ سڀ ڪو ڇوڪر علي محمد تي نٿو سگهي.

ڇوڪر سڀ ڪنهن ڇوڪر کي چئي سگهجي ٿو. تنهنڪري خاص نالا جيڪي هجن، تن لفظن کي اِسم خاص چئجي ٿو ۽ جيڪي عام نالا هجن، تن لفظن کي اِسم عام چئجي ٿو.

(1) هيٺيان ساهوارن ۽ شين جا نالا آهن تن مان ٻڌايو ته ڪهڙا اِسم آهن ۽ ڪهڙا اِسم خاص آهن.

گڏهه، ٽيپو، محبت، تاج محل، پوتي، قرآن شريف، قليچ بيگ ، مرزان، ڪوڙو مل، عامل، ڪتاب، ڀڳوت گيتا.

اسان مٿي سکي آيا آهيون ته خاصيت، ڪم ۽ حالت جي نالي کي ٻه اِسم چون ٿا.هيٺين خاصيت ، ڪم ۽ حالت جي نالي کي اسم ذات چوڻ گهرجي.

هيٺين جملن مان اِسم ذات چونڊيو ۽ ٻڌايو، ته ڇا جا نالا آهن:- افغانستان جو


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ملڪ اندروني جنگين ۽ فسادن جي ڪري اڇي، زبونيءَ جي حالت ڪي پهتو هو، تنهن ڪي هن پنهنجي سياڻپ ۽ دورانديشي سان ڦيرائي، هڪڙي مضبوط ۽ ترقي ڪندڙ بادشاهه ڪري وڌو. هوديندار مسلمان ۽ پيءَ جو فرمان بردار پٽ هو. هُو هوشيار سپهه سالار ۽ ڏاهو هو. مگر سخت حاڪم هو ۽ آز مودگار سياح، مدبر قومي ۽ حب وارو هو.

ياد ڪريو:- اهو لفظ جو ڪنهن ساهواري شيءَ يا جاءِ جو رکيل مقرر نالو هجي، تنهن کي اِسم خاص چئجي ٿو.

اهو لفظ جو هڪ قسم جي سيني شين لاءِ يا هڪ هڪ جدا شيءَ لاءِ ساڳيو نالو هجي تنهن کي اِسم عام چئجي ٿو.

خاصيت، ڪم، حالت جي نالي کي اِسم ذات چئجي ٿو.

## سبق سورهون (جنسون)

هڪ اسڪول چوڪر ۽ چوڪريون گڏ پڙهنديون هيون. هن جملي ۾ ”چوڪر“ نر آهي. ۽ ”چوڪريون“ ماديون آهن. هيٺين ساهوارن مان جيڪي نر يعني مرد آهن ۽ جيڪي ماديون يعني زالون آهن، سي ڌار ڌار ڪريو.، سيٺ، بيبي، بگهڙ، ڪتي، غلام علي، جمنا، گهوٽ، نهن،

ياد ڪريو: جي ساهوارا نر يعني مرد آهن، تن کي مذڪر ۽ جي مادي يعني زالون آهن تن کي مونث چئبو آهي.

مٿين ساهوارن اِسمن جي اڳيان او ۽ اي پڇاڙيءَ واريون مصفتون لڳايون ٿا: چڱو سيٺ، سٺي بيبي، بڇڙو بگهڙ، چتي ڪتي، سهڻو غلام علي، چڱي جمنا، سهُڻو گهوٽ، نرلڄي نهن، هنن مان ڏسڻ ۾ ايندو، ته جي اِسم مذڪر يعني نر آهن، انهن جي اڳيان او پڇاڙيءَ واريون صفتون ٺهن ٿيون ۽ جي اِسم مونث يعني مادي آهن تن جي اڳيان اي پڇاڙي، واريون صفتون ٺهن ٿيون. جي اِسم ساهه وارا نه آهن يعني بي جان آهن جن جي نر ۽ مادي جي خبر ڪانه ٿي پوي، تن جي اڳيان مٿئين وانگر او ۽ اي پڇاڙيءَ واريون صفتون لڳائجن.

جن اسمن جي اڳيان او پڇاڙيءَ واريون صفتون ٺهن سي مذڪر، جنس وارا سمجهڻ گهرجن جيئن ته: تکو ڪپ، چڱو ڪتاب، مڏو ڪات، ڪارو پاٽي، وڏو دلو، ڊگهو ڪٽولو وغيره.

جن اسمن جي اڳيان اي پڇاڙيءَ واريون صفتون ٺهن سي موئث جنس وارا اِسم سمجهڻ گهرجن.

جئين ته ڪاري ٽوپي، ڳاڙهي ڪٽ، ٿلهي سليٽ وغيره

مٿي پڙهيو آهي ته ”ضمير اِسم جي بدران ڪم اچي ٿو“ يعني ضمير اِسم جو


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

گويا ٻيو روپ آهي تنهنڪري جيئن اِسم جون ٻه جنسون (مذڪر) ۽ مونث آهن. تيئن ضمير جون به ٻه جنسون ٿين ٿيون، مثلاً:-

**مذڪر مونث**

هو ويندو. هوءَ ويندي
جو آيو. جا آئي
سو ويو. سا وئي
جيڪو ڪندو. جيڪا ڪندي

**استعمالي سوال**

(1) جنس ڇا کي چئجي ۽ جنسون ڪهڙيون آهن؟
(2) جنس سڃاڻڻ لاءِ ڪهڙا قاعدا آهن.؟
(3) هيٺين اِسم مان هر هڪ اِسم جي جنس ٻڌايو ۽ ان جو سبب پڻ ڏيو.
گل، ول، ڌوتي، پٽڪو، سلوار، سوٽ، گدرو، گانڊي، محمد علي، ايڊورڊ اٺون، مستري.
(4) هيٺين جملن ۾ جيڪي ضمير آهن تن جي جنس، ٻڌايو ۽ ان جو سبب ڏيو
(1) آئي سا ويئي. (2) هُو آيو هو. (3) جيڪو ڪندو سو پائيندو (4) هوءَ ٻارن کي پيار ڪندي آهي.

**سبق سترهون (عدد)**

(1) صديق وٽ ڪتو هو. (2) شهر ۾ ڪتا جام پيا گهمن. پهرين جملي ۾ ”لفظ“ ڪتو ۽ ٻئي جملي ۾ ”لفظ“ ڪتا ڪم آندل آهي.
ڪتو معنيٰ هڪ ڪتو، ڪتا معنيٰ هڪ کان وڌيڪ ڪتا.
ياد ڪريو: جو اِسم هڪ هجي تنهنجو عدد واحد ٿيندو (واحد معنيٰ هڪڙو)
هڪ کان وڌيڪ اسان جو عدد جمع ٿيندو. (جمع معنيٰ گهڻا)
(نوٽ:- اسم خاص ۽ اسم ذات جو گهڻو ڪري عدد واحد ٿيندو آهي پر اسم عام جو عدد واحد ۽ عدد جمع ٻئي ٿين ٿا.)
ضمير اِسم جي بدران ڪم اچي ٿو، تنهنڪري ضمير جا به ٻه عدد (واحد ۽ جمع) ٿين ٿا. جيئن ته:-

**واحد جمع**

آءٌ : اسين
تون : توهين


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڪهڙو : ڪهڙا
اُهو : اُهي

## سوال

(1) اِسم ۽ ضمير جا ڪهڙا عدد آهن ۽ اُهي ڪيئن سڃاڻجن؟
(2) هيٺين جملن مان اِسمن ۽ ضميرن جا مددڳارايو؟
(1) سائين علاو الدين اهڙي ڪار ڪئي جو هو وطن ڇڏي تو دا ۾ وڃي ويٺا.
(2) اُهي سورهيہ صفون ڳڏي بيٺا (3) تون انب ڪائيندين؟

## سبق ارڙهون (حالتون)

(1) حالت فاعلي- اسان پڙهي آيا آهيون ، تہ فعل معنيٰ ڪم، ڪم جو ڪندڙ ضرور ڪو ٻيو هوندو، جيئن تہ بولو گهر ويو. هن جملي ۾ بولو ڪم جو ڪندڙ آهي. ڪم ڪندڙ اِسم کي فاعل چون ٿا. ويو لفظ فعل آهي.، جو فاعل بابت ڪجھ ٻڌائي ٿو. آءٌ هت آهيان. هن جملي ۾ آهيان فعل آهي جو آءٌ ضمير فاعل لاءِ ڪجھ ٻڌائي ٿو.

ياد ڪريو: جملي ۾ جيڪي اِسم يا ضمير فاعل هجن، تن جي حالت فاعلي چئجي ٿي.

(2) حالت مفعولي: جمال الدين لکيو. هن جملي ۾ ڪم جو ڪندڙ يعني فاعل جمال الدين آهي ۽ لکيو فعل آهي. پر اها خبر نہ آهي، تہ جمال الدين ڇا لکيو، جيڪڏهن اهو جملو هيئن چئجي، تہ مطلب پورو نڪرندو:- جمال الدين ڪتاب لکيو. هاڻي اسان کي خبر پئي تہ جمال الدين ڪتاب لکيو آهي، يعني ڪتاب جي مٿئون لکڻ جو ڪم ٿيو آهي.

جنهن اِسم تي ڪم ٿئي، تنهن کي مفعول چئبو آهي.

جڳتراءَ مون کي پاڙهيو.هن جملي ۾ جڳتراءِ فاعل آهي. ۽ ”مونکي“ ضمير ”معفول“ آهي. ڇاڪا ڻ ”مون کي“ ضمير تي پڙهائڻ جو ڪم ٿيو آهي.

جنهن ضمير تي ڪم ٿئي، تنهن کي مفعول چئبو آهي.

ياد ڪريو: اهو اسم يا ضمير جنهن تي ڪم جو اثر ٿئي، تنهن کي مفعول چئبو آهي ۽ تنهن کي حالت مفعولي لڳندي آهي.

نوٽ:- جملي مان فاعل ۽ مفعول لهڻ لاءِ سولو رستو هيءُ آهي تہ فعل کان ڪير ۽ ڇا جا سوال پڇجن. ڪيرسوال پڇڻ سان جيڪو اسم يا ضمير ملي سو آهي فاعل. ڇا سوال پڇڻ سان جيڪو اِسم يا ضمير ملي سو آهي مفعول. جيئن ڏڪڻ ڪاٺ چيري ٿو:


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

سوال 1: ڪير چيري ٿو؟ جواب: ڊڪڻ چيري ٿو. تنهن ڪري ڊڪڻ ٿيو فاعل.
سوال 2- ڇا چيري ٿو؟ جواب: ڪاٺ چيري ٿو. تنهن ڪري ڪاٺ ٿيو مفعول.

(3) حالت جري، مٿي سکيا آهيون، ته ”حرف جر“ اُهو لفظ آهي جو اِسم يا ضمير جي پٺيان اچي ٿو ۽ ان جو جملي ۾ ٻئي لفظ سان لاڳاپو ڏيکاري ٿو. جيئن ”جعفر وڻ تي چڙهيو.“ هن جملي ۾ تي حرف جر جعفر ۽ وڻ جو لاڳاپو ڏيکاري ٿو.

ياد ڪريو. جيڪڏهن جملي ۾ اسم يا ضمير پٺيان حرف جر اچي، ته اُن اسم يا ضمير تي حالت جري لڳندي.

حالت اضافت- گوڪل جي ٽوپي سٺي آهي. هن جملي ۾ ”جي“ ”حرف جر“ آهي، جو گوڪل ۽ ٽوپيءَ جو لاڳاپو ڏيکاري ٿي: پر ”جي“ لفظ لاڳاپي سان گڏ مالڪي به ڏيکاري ٿو، يعني ٽوپيءَ جو مالڪ گوڪل آهي.

ياد ڪريو: جڏهن ڪنهن اسم يا ضمير پٺيان حرف جر اچي ۽ ان اسم يا ضمير جو ٻئي ڪنهن اسم يا ضمير سان مالڪيءَ جو لاڳاپو ڏيکاري، تڏهن ان پهرين اسم يا ضمير جي حالت اضافت چئجي ٿي.

حالت ندا: مٿي سکي آيا آهيون، ته جيڪي لفظ جملي ۾ الڳ بيٺا هجن، تن کي حرف ندا چئبو آهي.“ جيئن ته: اڙي! چيتي هيڏانهن اچ. هن جملي ۾ ”اڙي“ لفظ حرف ندا آهي ۽ چيتي لفظ اِسم آهي، چيتي ”اِسم“ جي حالت ندا ٿيندي.

محمد هتان وڃ. هن جملي ۾ حرف ندا ڳجهو رکيل آهي، چوڻ گهرجي، ”اي! محمد هتان وڃ“ جن جملن ۾ حرف ندا ڳجهو رکيل هجي اُن اِسم جي به حالت ندا ٿيندي.

ياد ڪريو:- جن اسمن جي اڳيان ظاهر يا ڳجهو حرف ندا لفظ هجي، ان اسم جي حالت ندا ٿيندي.

هينئر حالتون ڪل پنج سکياسون (1) حالت فاعلي (2) حالت مفعولي (3) حالت جري (4) حالت اضافت (5) حالت ندا.

## سوال

(1) حالت فاعلي ۽ حالت مفعولي جو فرق ٻڌايو
(2) حالتون ڇا کي لڳنديون آهن.
(3) حالت اضافت ۽ حالت جريءَ ۾ ڪهڙو فرق آهي؟
(4) حالت ندا جي وصف ڏيو
(5) هيٺين جملن ۾ جيڪي اِسم ۽ ضمير آهن تن کي حالتون لڳايو ۽ ان جو سبب ڏيو: (1) هيءُ اڪبر بادشاهه جي دربار جو مسخرو هو. (2) عثمان غني اَن جو قافلو پرائي آيو . (3) پنا دائي نالي راجپوت ذات جي هڪ زال ٿي گذري آهي.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

(4) گوئا هندستان ۾ پور چو گيزن جو وڏو شهر آهي. (5) اي! ڪشنا مونکي نہ ستاءِ.

## سبق اٺويهون (اُسم جون پڇاڙيون)

اسم جون ست پڇاڙيون آهن اَ، اُ، اِ، اِي، اُ ئہ اؤ ۽ او

(1) اَ-دائي مونث، جيئن تہ زال، لڇمر، بيگمر، ڪٽ،

(2) آ جئين تہ مذڪر ۾ پتا، راجا، مولا ۽ مونث ۾ گنگا، فاطما، بلا جمنا.

(3) اِ جئين تہ مذڪر ۾ سيٺ، خضر، مس، ۽ مونث ۾ مينهن، ڳئون، جُوءِ، گلشن

(4) اي جيئن تہ مذڪر ۾ ٻلي، مستري، سورج مکي، جوڳي، مونث ۾ تڳي، گهوڙي، ٻڪري.

(5) اُ جيئن تہ مذڪر ۾ محمد ٻچل، اُٺ، مونث ۾ پيٽ، ڏيءَ، ماءُ، سس

(6) اوُ جيئن تہ مذڪر ۾ سڄُو، ٻڄُو، ليڊر، ۽ مونث ۾ ڳئون، جُون.

(7) او سدائين مذڪر جيئن تہ گهوڙو، ٻلو، ڪتو، چتو، ٻولو.

## سوال

(1) اسم جون پڇاڙيون ڪهڙيون آهن؟

(2) اسم جي هڪ پڇاڙي جا ٽي ٽي مثال ڏيو.

## سبق ويهون (اُسم جو ڦيرو)

اِسم ڪي پنجن حالتن ۾ ڦيرائي سگهجي ٿو. تنهن ڪي اِسم جو ڦيرو چئجي ٿو. جيئن زال اسم آهي. ان جو ڦيرو ڪري ڏيکارجي ٿو.

| حالت | واحد | جمع |
|---|---|---|
| (1) حالت فاعلي | زال اچيتي، | زالون اَچن ٿيون. |
| (2) حالت مفعولي | زال کي وٺي اَچ، | زالن کي وٺي اچ |
| (3) حالت جري | زال کي ماني ڏي. | زالن کي ماني ڏي. |
| (4) حالت اضافت | زال جي پوٽي آهي، | زالن جون پوٽيون آهن. |
| (5) حالت ندا | اي زال هيڏانهن اچ | اي زالون هيڏانهن اُچو |

عام صورت:- مٿي اسان زال جو ڦيرو ڪيو آهي، تنهن مان ڏسڻ ۾ ايندو، تہ زال لفظ جي صورت يا شڪل عدد واحد ۾ سيني حالتن ۾ مٿي ڪانهي يعني زال جو اچار جيئن جو تيئن قائم رهيو آهي.

ياد ڪيو: اسم جي اها صورت جا سيني حالتن ۾ ساڳي رهي تنهن ڪي عام


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

صورت چئجي ٿو.

جيئن اِسم جو ڦيرو پنجن حالتن ۾ ٿئي ٿو. تئين ضمير جو ڦيرو وري پهرين چئن حالتن ۾ ٿيندو آهي يعني ضمير جو ڦيرو حالت ندا ۾ ڪين ٿيندو آهي.

## سوال

(1) اسم جو ڦيرو ڇا کي چئجي
(2) گهوڙي جو ڦيرو ڪريو.
(3) عام صورت ڇا آهي؟
(4) ضمير ڪهڙين حالتن ۾ ڦرندو آهي؟
(5) آءٌ جو ڦيرو ڪريو.

## سبق ايڪيهون (ضمير جا قسم)

(1) ضمير خالص:- آءٌ ويندس، تون نہ ملندين، هو ڪالهہ آيو هو. هنن جملن ۾ ٽي ضمير ڪم آندل آهن. (1) آءٌ (2) تون (3) هو. ڏسڻ ۾ اچي ٿو، تہ "آءٌ" ضمير وارو ماڻهو پاڻ ڳالهائي ٿو، تنهن ڪري آءٌ کي "ضمير متڪلم" چئبو آهي. متڪلم جي معنيٰ آهي، ڪلام ڪيندڙ يعني ڳالهائيندڙ.

ياد ڪريو. ڳالهائيندڙ بدران جيڪي ضمير ڪم اچن، تن کي ضمير متڪلم چئبو آهي. "تون" ضمير وارو ماڻهو روبرو حاضر آهي ۽ ان سان ڳالهائجي ٿو، تنهنڪري تون کي "ضمير حاضر" چئبو آهي.

ياد ڪريو: جنهن سان ڳالهائجي ٿو، تنهن جي بدران جي ضمير ڪم اچن تن کي ضمير حاضر چئبو آهي.

"هو" ضمير وارو ماڻهو هتي موجود ڪونہ آهي. پر لڪل يعني غائب آهي ۽ ان بابت ڳالهہ ٿي ڪجي، تنهن ڪري هو کي "ضمير غائب" چئبو آهي.

ياد ڪريو:- جنهن بابت ڳالهہ ڪجي ٿي ان جي بدران جي ضمير ڪم اچن ٿا، تن کي ضمير غائب چون ٿا.

انهن ٽنهي ضميرن (ضمير متڪلم، ضمير حاضر ۽ ضمير غائب) کي ضمير خالص چون ٿا، خالص جي معنيٰ آهي نج، ڇاڪاڻ تہ اهي لفظ انسان سان لاڳاپو رکن ٿا.

(2) ضمير اشارو

(1) هيءُ سهڻو پکي آهي. هن جملي ۾ "هيءُ لفظ ضمير آهي. اشارو ٿو ڪري پکيءَ ڏانهن جيڪو پکي پرسان يعني ويجهو آهي. تنهن ڪري "هيءُ" کي ضمير اشارو ويجهو چئبو آهي.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ياد ڪريو:- اهڙا ضمير جي ويجهن اسمن ڏانهن اشارو ڪن، تن کي ”ضمير اشارو ويجهو“ چئبو آهي.

(2) هو گهوڙو پريان اچي ٿو. هن جملي ۾ هو ضمير آهي، جو اِشارو ٿو ڪري گهوڙي ڏانهن، جو گهوڙو پري يعني ڏور آهي، تنهنڪري ”هو“ کي ”ضمير اِشارو ڏور“ چئجي ٿو.

ياد ڪريو: اهي ضمير جيڪي ڪن پرين اسمن ڏانهن اشارو ڪن تن کي ”ضمير اشارو ڏور“ چئجي ٿو

(3) ضمير مشترڪ: گهوٽ پيءُ پاڻ سندرو ٻڌي بيٺو. هن جملي ۾ پاڻ لفظ ضمير آهي، جو گهوٽ پيءُ فاعل جي بدران ڪم آيو آهي، يعني اِهو ضمير فاعل جو شريڪ آهي، تنهن ڪري ”پاڻ“ ضمير مشترڪ آهي.

مشترڪ جي معنيٰ آهي شريڪ ٿيڻ.

ياد ڪريو: جي ضمير جملي ۾ اسم جي بدران ۽ ان سان گڏ جملي کي زور وٺائڻ لاءِ ڪم ايندا آهن، تن کي ”ضمير مشترڪ“ چئبو آهي.

(4) ضمير استفهام: 1- ڪير ايندو؟ 2- توکي ڇا ٿيندو؟ 3- ڪهڙو آهين. 4- هن کي ڪچاڙو ڪپي؟ هنن چئن جملن ۾ ڪير، ڪهڙو، ڇا، ڪچاڙو ضمير آهن، جي سوال پڇڻ جي ڪم ٿا اَچن، تنهن ڪري اِنهن ضميرن کي ضمير استفهام چئجي ٿو. استفهام جي معنيٰ آهي پڇا ڪرڻ.

ياد ڪريو: جي ضمير سوال پڇڻ جي ڪم اچن، تن کي ”ضمير استفهام“ چئجي ٿو.

(5) ضمير موصول هيءُ اهو ماڻهو آهي، جو ميڙي تي پاٽي پيارِيندو هو. هن جملي ۾ جو ”ضمير“ ٻن جملن جي وچ ۾ آيو آهي: هڪ ”اُهو ماڻهو آهي“ ۽ ٻيو ”ميڙي تي پاٽي پيارِيندو هو.“ اِنهن ٻنهي جملن کي: جو ضمير ڳنڍي ٿو، تنهن ڪري جو ضمير موصول آهي. موصول جي معنيٰ آهي وصل ڪندڙ يعني ملائيندڙ.

ياد ڪريو: جي ضميرن جملن کي ڳنڍي هڪ ڪن، تن کي ”ضمير موصول“ چئجي ٿو.

(6) ضمير جواب موصول: جنهن ماڻهوءَ لاءِ تو پڇيو ٿي، سو هيءُ آهي. هن جملي ۾ ”جنهن“ ضمير موصول آهي ۽ ”سو“ ضمير جنهن ضمير جي جواب ۾ آيو آهي. تنهن ڪري ”سو“ کي ”ضمير جواب موصول“ چون ٿا.

(8) ضمير مبهم: ڪالهه ڪو آيو هوندو. هن جملي ۾ ڪو ضمير آهي، اسان کي ڪَل يعني خبر ڪانه ٿي پوي، تہ ڪو ضمير ڪهڙي اِسم جي بدران آيو آهي. تنهن ڪري ڪو ضمير مبهم آهي، مبهم جي معنيٰ آهي جنهن جي ڪَل يعني



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

خبر نہ پوي.

ياد ڪريو:- اهڙا ضمير جن مان ڪَلَ ڪانہ پوي، تہ ڪهڙي اسم جي بدران آيا آهن، تن کي ضمير مبهم چئجي ٿو.

هاڻي ڪُل ست ضمير سکياسون، (1) خالص (2) اِشارو (3) مشترڪ (4) اِستفهام (5) موصول (6) جواب موصول (7) مبهم.

## سوال

(1) ضمير گهڻن قسمن جا آهن اهي ٻڌايو؟
(2) ضمير خالص ڇاکي چئجي اُهي ڪهڙن اِسمن جي بدران اچن ٿا؟
(3) ضمير متڪلم جي معنيٰ ۽ وصف ٻڌايو.
(4) ضمير اشاري جا گهٽا قسم آهن ۽ انهن تي اُهو نالو ڇو پيو آهي؟
(5) ضمير مشترڪ جا ٽي مثال ڏيو.
(6) جن ضميرن مان سوال پڇڻ جي معنيٰ نڪري تن کي ڪهڙو ضمير چئبو آهي؟
(7) ضمير موصول ۽ جواب موصول ۾ فرق ٻڌايو. ۽ هر هڪ جا چار چار مثال ڏيو.
(8) ضمير مبهم سمجهايو.

(5) هيٺين مان ضمير چونڊيو ۽ ٻڌايو تہ اُهي ڪهڙا ضمير آهن ۽ ڇو؟

(1) محمود جا ماٺهو جي سرد ملڪن جا هئا، تن سان هنن جي پڇڻ جي پيٽي ڪانہ هئي، پيري پيري سان محمود کين جيتي، سندن محل ۽ مندر لٽي ويندو هو. (2) آءٌ هتي نہ رهندس، ڪيئن تون رهندين؟ (3) اُهو سياٽي ايندو. (4) هيءُ باغ مزيدار آهي. (5) هو پکي ڪهڙو نہ سهٽو آهي. (6) پاڻ ۾ وڙهڻ چڱو نہ آهي. (7) هت ڪير رهندو آهي؟ (8) جيڪو ڪندو سو پائيندو. (9) هاڻي تہ ڪي ڏينمر.

هيٺين بدزيبن جملن ۾ اِسم ڪڍي پنهنجا ٺهندڙ ضمير وجهو جيئن جملا سهٽا لڳن:

(1) جهمٽ کي جڏهن موڪل ملي تڏهن جهمٽ ويو. (2) گوبند گوبند ويو. (3) غلام الرسول شاعر آهي، غلام الرسول ڪيترا شعر جا ڪتاب لکيا آهن. (4) اڙي....... ڪير آهي. (5) جو ڪتاب ڪالهہ ڳڌو هومر...... توکي ڏيندس.

## سبق ٻاويهون (فعل جا قسم)

اسين مٿي سکي آيا آهيون، تہ "فعل" اُهو لفظ آهي. جو اسم يا ضمير بابت ڪجهہ چوي ٿو. احمد ڊوڙيو. هن جملي ۾ احمد ڊوڙڻ جو ڪم ڪيو آهي، تنهن ڪري احمد ڪم جو ڪندڙ يعني فاعل آهي. انهيءَ ڪم جو اثر فاعل تي پورو ٿي وڃي ٿو.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

۽ جملي مان پورو مطلب نڪري ٿو.

ياد ڪريو: جنهن فعل جو ڪم اثر فقط فاعل تي پورو ٿئي ۽ سندس اثر ٻئي ڪنهن اسم يا ضمير تي نہ پوي، تنهن کي فعل لازمي چئجي ٿو.

(لازمي معنيٰ لڳل، جو هن فاعل سان لڳو پيو هوندو آهي.)

مهاٽا مارين ٿا. هن جملي ۾ مارين ٿا ”فعل“ آهي، جو مهاٽا ”اسم“ بابت ٻڌائي ٿو، تہ مارين ٿا، پر جملي مان پورو مطلب ڪين ٿو نڪري، تہ مهاٽا ڇاٽا مارين؟ جيڪڏهن مٿيون جملو هيئن لکبو، تہ مطلب پورو نڪرندو: مهاٽا مڇي مارين ٿا. هن جملي ۾ ڪم جو اثر مهاٽا ”فاعل“ کان لنگهي، ”مڇيون“ مفعول تي وڃي ٿو. يعني هن جملي ۾ فاعل ۽ مفعول ٻئي آهن، تنهن ڪري مارين ٿا ”فعل متعدي“ آهي. متعدي جي معنيٰ آهي حد لنگهندڙ.

ياد ڪريو: اِهو فعل جنهن جي ڪم جو اثر فاعل کان لنگهي، ٻئي اسم يا ضمير (مفعول) تي وڃي پورو ٿئي. تنهن کي ”فعل متعدي“ چئجي ٿو.

## سوال

(1) هيٺين جملن مان فعل لازمي ۽ متعدي چونڊيو ۽ انهن جا سبب ڏيو.

(2) ڪپڙا هيٺ وڇائي، وني وٽن کي ڏوٽين تہ ڦل اچي هيٺ ڪرن ۽ پوءِ رکن سڪائڻا.

(1) چمن ۾ چاهہ گهٽو ٿئي ٿو.

(3) چانهہ پيتي کان پوءِ ماڻهو چالاڪ ۽ تازو توانو ٿي پوي.

(4) گٽن مان گوگڙا بہ ڏينا ٿين ٿا

(5) فعل متعدي جي معنيٰ ٻڌايو.

(6) فعل لازمي جي وصف ڏيو.

## سبق ٽيويهون (زمان)

زمان لفظ جي معنيٰ آهي، وقت يا سمو يا زمانو. (1) عيسو پڙهي ٿو. (2) عيسو پڙهندو هو (3) عيسو پوءِ پڙهندو.

مٿين 3 جملن ۾ ”پڙهي ٿو“ فعل مان هلندڙ وقت جي خبر پوي. (2) ”پڙهندو هو،“ فعل مان گذريل وقت جي خبر پوي ٿي. (3) ”پڙهندو“ فعل مان ايندڙ وقت جي خبر پوي ٿي.

هن مان سڪياسيون تہ سڀ ڪنهن فعل جاتي وقت يعني زمان آهن: هلندڙ وقت کي زمان حال چئجي ، گذريل وقت کي زمان ماضي چئجي ۽ ايندڙ وقت کي زمان مستقبل چئجي ٿو.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

(حال معنيٰ هلندڙ، ماضي معنيٰ گذريل، مستقبل معنيٰ ايندڙ)

### سوال

(1) زمان ڇا کي چئجي ۽ ڪل زمان گهڻا آهن؟
(2) ٽي مثال زمان ماضيءَ جا ڏيو
(3) زمان حال جي وصف ڏيو.
(4) هيٺين جملن ۾ جيڪي فعل آهن تن جا زمان ٻڌايو:

(1) اڳي سنڌ جو ملڪ گهٽو وڏو هو. (2) پروچن ڏاڍي همت ڏيکاري. (3) سيٺ نائون مل جا وڏا زميندار هئا، (4) منهنجو رومال پاٽيءَ ۾ ڪري پيو. (5) ڏياريءَ ۾ ناناٽي ويندس. (6) عيد هت ڪندس

### سبق چوويهون (ترڪيب)

لفظن جي جدا جدا صورت ٻڌائڻ ۽ جملي جي ٻين لفظن سان انهن جو لاڳاپو ڏيکارڻ، تنهن کي ترڪيب چئبو آهي. هيٺين سٽن ۾ نشان ٽيل لفظن جي ترڪيب ڪجي ٿي:

(1) گوپال باغ جو نظارو ڏٺو. (2) آءٌ پاڻ زبردست آهيان (3)شل سهندا پار پون!
(4) اج ضرور اسڪول اچج ۽ پاڻ سان پٽي يا سليٽ آڻج.

گوپال. اِسم خاص، جنس مذڪر، عدد واحد حالت فاعلي، فاعل فعل "ڏٺو" جو.
باغ-اِسم عام، جنس مذڪر، عدد واحد، حالت جري، سبباڻ "جو" حرف جر جي.
جو – حرف جر، لڳي ٿو اِهم "باغ" سان
نظارو- اِسم ذات، جنس مذڪر، عدد واحد. حالت مفعولي، مفعول فعل "ڏٺو" جو

ڏٺو:- فعل متعدي، جنس مذڪر، عدد واحد، ضمير غائب، سندس فاعل "گوپال" مفعول "نظارو"

آءٌ- ضمير متڪلم، جنس مذڪر، عدد واحد، حالت فاعلي، فاعل فعل "آهيان" جو.

پاڻ- ضمير مشترڪ، جنس مذڪر، عدد واحد، حالت فاعلي، فاعل فعل، "آهيان" جو.

زبردست- صفت، لڳي ٿو، "آءٌ" ضمير سان
شل- حرف ندا
سهندا- صفت لڳي ٿو. "پار" اسم سان.
پون- فعل لازمي، جنس مذڪر، عدد جمع، ضمير غائب، سندس فاعل "پار"


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

اڄ- ظرف، لڳي ٿو "ضرور" ٻئي ظرف سان
ضرور:- ظرف لڳي ٿو. "اڄ" فعل سان.
۽ حرف جملو جو ڳنڍي ٿو، ٻن جملن کي هڪ "اڄ ضرور" وارو جملو، ٻيو "پاڻ سان" وارو جملو يا: حرف جملو، جو ڳنڍي ٿو، ٻن لفظن کي هڪ "پٽي"، ٻي "سليٽ".

## گرامر جو تت

1_، ۽ تي لفظ گڏبا ۽ منجهائنس پورو مطلب نڪري تنهن کي جملو چئجي ٿو 2- گرامر جا ڪل اَٺ لفظ آهن، اِسم، فعل، ضمير، صفت، ظرف، حرف جر، حرف جملو، حرف ندا. 3- ڪنهن ساهواري يا جاءِ يا شيءَ يا ڪم يا خاصيت يا حالت جي نالي کي اِسم چون ٿا، 4- فعل اهو لفظ آهي، جنهن مان هئڻ يا ڪرڻ جي معنيٰ نڪري ٿي يا جو ڏيکاري ٿو، ته ڪنهن تي ڪو ڪم ٿيو آهي. 5- ضمير اهو لفظ آهي، جو اِسم جي بدران ڪم ايندو آهي. 6- صفت اُهو لفظ آهي جو اِسم يا ضمير سان لڳي ٿو ۽ ان جي خاصيت يا قسم يا انداز ڏيکاري ٿو. 7- ظرف اهو لفظ آهي جو فعل، صفت، يا ٻئي ظرف سان لڳي ٿو ۽ منجهائنس وقت، جاءِ يا ريت يا قدر يا ناڪار جي معنيٰ نڪري ٿي. 8-حرف جر اُهو لفظ آهي جو اِسم يا ضمير جي پٺيان اچي ٿو ۽ ان جو جملي ۾ ٻئي ڪنهن لفظ سان لاڳاپو ڏيکاري ٿو. 9- حرف جملو اهو لفظ آهي جو ٻن لفظن يا جملي جي ٻن ڀاڱن يا ٻن جملن کي ڳنڍي ٿو. 10- حرف ندا: اهڙا لفظ جي جملي ۾ الڳ بيٺا هجن ۽ جن مان دل جي حالت جهڙوڪ خوشي، ارمان، سڏ ۽ عجب، ڪاوڙ ۽ حڪارت معلوم ٿئي يا جي سڏ ڪرڻ ۾ ڪم اچن ٿا. 11- جملن ۾ جيڪي لفظ اچن، سي گرامر جي اٺن دفعن مان ڪهڙن ڪهڙن دفعن ۾ آهن سو چئي ٻڌائڻ، تنهن کي ترڪيب چئجي. 14- ترڪيب ڪرڻ وقت لفظ جي معنيٰ ۽ ڪم تي ڌيان رکجي. 15- اسم جا ٽي قسم آهن.
(1) اِسم خاص (2) اسم عام (3) اِسم ذات.

*(چيتن رام جهمٽ مل پبلشرس لاڙڪاڻو پاران ورهاڱي کان اڳ ڇپرايل ڪتابڙو)*



سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# پيسٽالازي

پيسٽالازي جي حياتيءَ جو ذڪر ڏاڍو وڻندڙ ۽ نصيحت آميز آهي. تنهن ڪان سواءِ سندس جيڪي ڪتاب تعليم بہ بنسبت لکيل آهن، تن جي سمجهڻ لاءِ سندس حياتيءَ جو ذڪر پڙهڻ تمام ضروري آهي.

جان هينري پيسٽالازي سئٽزرلنڊ جي زيوُرڪ شهر ۾ سن 1746 ۾ ڄائو. اڃا پنجن ورهين جو هو تہ پٽس وفات ڪئي. ڪيس ۽ سندس ڀاءُ ۽ ڀيڻ کي، سندن ديندار ماءُ جيڪا پاڻ تڪليفون سهي اولاد جو پلو ڪندي هئي ۽ سندن وفادار نوڪر بابليءَ نپائي وڏو ڪيو. انهي وفادار نوڪر هن جي پيءُ کي سڪرات جي وقت تسليٰ ڏني هئي تہ مان توهانجي ڪٽنب کي ڇڏي نہ ويندس. اهڙيءَ حالت ۾ پيسٽالازيءَ کي اهو فائدو ہو، جو هن ۾ محبت جو مادو ننڍي هوندي ڪان زور وٺڻ لڳو ۽ دماغ جي ترقيءَ ڪان اڳيئي هن جي دل چڱي ٿيڻ لڳي. جڏهن هو پهريائين اسڪول ۾ پڙهڻ ويٺو، تڏهن سندس سنگتي مٿس ٺوڪون ڪرڻ لڳا ۽ "احمق پور جو يوُڪ هئنري" نالو رکيائونس. مگر جڏهن ڏٺائون تہ هو بنا غرض جي ڀين سان ڀلائي ڪندڙ آهي، تڏهن ڪيس پنائڻ لڳا. هڪڙي ڀيري چا ٿيو، جو ڌرتي جي ڌڄڻ تي سڀ ماستر ۽ شاگرد اسڪول جي جاءِ مان نڪري اُٿي ڀڳا. اهڙي خوفناڪ وقت ۾ هو اسڪول جي جاءِ ۾ وڃي پنهنجي سنگتين جون قيمتي شيون ڪڍي آيو. هو پنهنجي موڪل جا ڏينهن پنهنجي ڏاڏي وٽ وڃي گذاريندو هو. سندس ڏاڏو ٽن ميلن جي مفاصلي تي هڪڙي ڳوٺ جو پادري هو. اُتي هن ڇوڪري کي ڀهراڙيءَ جي غريب ماڻهن جي حالت جي خبر پيئي ۽ ڏٺائين تہ ڪهڙيءَ طرح ڪوئي نيڪ انسان هنن کي سڌاري سگهي ٿو. وڏي هوندي هو چوندو هو تہ جيڪو وقت مون ڏاڏي سان گذاريو، سو منهنجي تعليم جو مکيہ جزو هو. هن هڪڙي هنڌ لکيو آهي تہ ٻار جي لاءِ الله تعاليٰ جو خوف سکڻ جو سڀ ڪان چڱو رستو آهي ڪنهن سچي ديندار کي ڏسڻ ۽ سندس ڪلام ٻڌڻ. هن جي ڏاڏي مٿس ايترو اثر پيدا ڪيو، جو هن جي مرضي ٿي تہ مان بہ انهيءَ ڪم کي لڳان، تنهن ڪري هو ديني علم پڙهڻ لڳو.

شاگردپڻ ۾ ئي ثابت ٿي چڪو تہ پيسٽالازي ڪو رواجي انسان نہ هو. هن جي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڏينهن ۾ سئٽزرلينڊ جي ننڍڙي تعليم گاهہ جي شاگردن ۾ دماغي ۽ اخلاقي جذبو ۽ جوش پيدا ٿيو. ڪن مشهور اُستادن خصوصن بادمر سئٽزرلينڊ جي اڳوڻي حالت ”سادي رهت ۽ بلند همت پيدا ڪرڻ جو شوق جاڳايو، ۽ شاگردن جي هڪ جماعت جنهنجو مهندار لويٽر هو ۽ جنهن ۾ پيسٽالازي بہ گهٽي قدر شريڪ هو، سا مصلحن (سڌاريندڙن) جي هڪ ٽولي بنجي پيئي. جنيوا ۽ زيوُرڪ جهڙن وڏن شهرن جا رهاڪو ٻين ماڻهن تي غير واجبي حق ماڻيندا هئا“ اُنهن جي مهندارن يعني جنيوا جي ماجسٽريٽن هنن جي پاران ڪانٽرڪٽ سوشل ۽ ايمائل نالي ڪتاب رد ڪيا. اهي ڪتاب لاردن جي غير واجبي حقن جي برخلاف لکيل هئا. ماجسٽريٽن جي انهيءَ هلت وٺڻ ڪري زيوُرڪ جي سڌاري چاهيندڙ شاگردن ۾ سخت غصو پيدا ٿيو. اگرچہ سندن رسالو ميمورئل ملڪي ڪمن بابت مضمون ڪين لکندو هو، تنهن هوندي بہ هڪڙي شاگرد مُلر اُن رسالي ۾ هڪڙو زبردست مضمون لکيو. ماجسٽريٽن فتويٰ ڏني تہ اهو مضمون بغاوت (فساد) جي ثابتي آهي. ويچارو ملر اُتي ڀڳو ۽ مٿس شهر نيڪاليءَ جو حڪم جاري ٿيو. پيسٽالازي ۽ سندس ڪي دوست جيل ۾ وڌا ويا ۽ ميمورئل رسالو بند ڪيو ويو.

پيسٽالازيءَ جون پهريون پهريون تصنيفون انهيءَ رسالي ۾ لپن ٿيون. انهن ۾ هو وڏين اُميدن وارو ماڻهو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. پاڻ اُن ۾ لکي ٿو تہ جيڪڏهن ڪو بہ ماڻهو پنهنجون خواهشون ظاهر ڪري تہ ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي اُن تي اعتراض آڻڻ جو حق ڪونهي. هڪڙي خواهش اها ڏيکاري اٿس تہ ڪو ماڻهو تعليم جا ٿورا اُصول ساديءَ طرح لکي تيار ڪري، جيئن سڀ ڪنهن کي سمجهڻ ۾ اچن، ۽ ڪي سخي ماڻهو گڏجي اُنهن جي ڇپائڻ جو خرچ پاڻ تي کڻن، انهيءَ لاءِ تہ اهو ننڍڙو ڪتاب عام ماڻهن کي مفت يا تمام ٿوريءَ بها تي ملي. پوءِ پادري اهو ڪتاب مائرن ۽ پيرن ۾ ورهائين، انهيءَ لاءِ تہ هو پنهنجي اولاد کي عقل ۽ دينداريءَ جي طريقي سان نپائي وڏو ڪن. پر اُتي وري ائين بہ ٿو لکي تہ شايد ايتريون ڳالهيون هڪ ئي وقت گهرڻ مناسب نہ آهي يعني اجا اهڙو وقت نہ آيو آهي جو ماڻهو اهڙي ڳالهہ قبول ڪن ۽ خوشي سان مدد ڪن.

ميمورئل رسالو انهيءِ ڪري بند ڪيو ويو، جو لاردن کي معلوم هو تہ اُن جا هلائيندڙ سندن مخالف هئا. پيسٽالازيءَ کي اُن وقت بلڪ هميشہ غريب ڪڙمين تي لاردن جو ظلم ڏسي سخت افسوس ٿيندو هو. پيسٽالازي هاڻي ديني علم ڇڏي قانوني علم سکڻ لڳو. روُسي ليکڪن جي فصيح ڪتابن پڙهڻ ڪري پيسٽالازيءَ کي سادي طرح ۽ فطرت جي اصلوڪي حالت موافق حياتي گذارڻ جو شوق جاڳيو، سو چا ڪيائين جو پنهنجا دستخط ڪتاب ساڙي ڪيتي ڪرڻ جو ارادو ڪيائين.

هڪڙو ٻيو شخص بہ انهيءَ ارادي ۾ ساڻس شامل ٿيو. پيسٽالازي ٻالڪپڻ ۾



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

هڪڙي پيري هڪڙي وڏي سوداگر جي دڪان ۾ رانديڪن وٺڻ جي ارادي سان گهڙي ويو. اُتي ان سوداگر جي ڌيءَ ائنا نالي ڪيس ملي. هوءَ ست ورهيه ڪانئس وڏي هئي. هن ڪيس سمجهايو ته خر چائو نه ٿي، اهي پئسا رکي ڇڏ. انهيءَ واقفيت ٿيڻ ڪان گهٽو پوءِ هو پاڻ ۾ ڳالهين ۾ نهي ويا يعني هڪ ٻئي سان شادي ڪرڻ جو اردو ڪيائون، مگر ائنا جا ماءُ پيءُ انهي ڳالهه ۾ راضي نه هئا. پستالازي ۽ ائنا محبت وري هن ڪري به وڌيڪ ٿيندي ويئي، جو ٻنهي جو سگنتي هڪ جوان شخص بيمار ٿي پيو ۽ هو ٻئي وٽس ويندا هئا. هو ويچارو آخر مري ويو. هي سنگتي پيستالازيءَ ڪان ٿي ورهيه وڏو هو ۽ هن پيستالازيءَ کي چڱيءَ طرح سمجهيو هو. مرڻ وقت جيڪا نصيحت پيستالازيءَ کي ڏنائين، تنهن منجهه جنهن ڳالهه ڪان منع ڪيائينس، تنهن تي چڱو ٿيو جو پيستالازيءَ وڏي هوندي ڌيان ڪو نه ڏنو، جو ته جي ڌيان ڏئي ها ته خلق جو ڀلو ڪتي ٿئي ها. اها نصيحت هيءَ هئي: "مان هاٽي وڃان ٿو، تون اڪليو رهجي ويندين. اهڙي ڪم ۾ هٿ نه وجهجانءِ، جنهن ۾ پنهنجي چڱائي تو ڪي آڏو اچي ۽ ٻين ۾ اعتبار رکڻ ڪري مشڪلاتن ۾ پوين. اهڙو ڪو آرام وارو ڌنڌو ڪڻ، جنهن ۾ ڪو خطرو نه هجي. ڪنهن وڏي ڪم ۾ تيستائين هٿ نه وجهجانءِ جيستائين ڪو دورانديش، جهانديده ۽ سچو دوست تنهنجو مددگار ٿئي ۽ تو کي اُنهن خطرن ڪان پري رکي، جن ۾ تون ٿپي پوندين.

جڏهن پيستالازي ۽ ائنا جي دوستي ايتري قدر وڌي ويئي، جو مڱٽي ڪرڻ جو پڪو ارادو ڪيائون، تڏهن پيستالازي هڪ ورهيه برن شهر جي پسگردائيءَ ۾ ڪيتي سکڻ ۾ گذاريو. سندس اُستاد ايجادن (نون خيالن ۽ هنرن کي ڳولي ڪيڻ) ڪان مشهور هو. پيستالازي هنجا نوان خيال هڪدم پڪڙي ورتا. پيستالازي جهڙو اڳي ملڪي ڳالهين ۾ جوش ۾ تار ٿي ويو هو، تهڙو هاٽي وري کيتيءَ جي خيالن ۾تار ٿي ويو، مگر ٻنهي ۾ سندس نوان خيال گهٽا صحيح ۽ سچا به نڪتا.

انهيءَ ورهيه ۾ ائنا ۽ پيستالازي هڪ ٻئي ڏي خط لکندا رهيا. هنن جا خط جي اجا تائين حفاظت سان رکيل آهن، سي رواجي محبت جي خطن ڪان بلڪل نرالا آهن. هڪڙي خط ۾ پيستالازي پنهنجو بيان ٿو لکي، جنهن مان سمجهي ٿو سگهجي ته جيڪي عيب صواب ٻين ماڻهن هن ۾ ڏنا ٿي، تن مان ڪجهه ڪجهه پاڻ به ڏسي ٿي سگهيو. هڪري خط ۾ هيئن ٿو لکي ته "منهنجي پياري! جيڪي مون ۾ مکيه عيب آهن ۽ جن مان مون کي آئينده زندگيءَ ۾ شايد ڇيها رسن، سي هي آهن:

"آئيءَ ويل جو خيال نه رکڻ. مشڪلاتن جو خيال نه رکڻ ۽ اوچتين مشڪلاتن ۾ منجهي پوڻ. رواجي اُٽ ويهه جي قانونن ۾ ۽ ٻين ڪيترين ڳالهين ۾، جي هرپرو مکيه نه آهن، تن ۾ جا مان سخت غفلت ڏيکاريندو آهيان، تنهنجي بيان ڪرڻ جو ضرور ڪونهي، جو ته اهي عيب ته مون ۾ سڀ ڪوئي ڏسي ٿو سگهي. منهنجي پياري! مون


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

تي فرض آهي تہ تو کي اڳواٽ ئي مان ٻڌائي ڇڏيان تہ جيڪي فرض پنهنجي گهر واريءَ جا مون تي هوندا،تن کي ملڪي فرض گهٽ ڄاڻندس، يعني پنهنجي ملڪ لاءِ ڪو فائدي جو ڪم ڪرڻو هوندم تہ پنهنجي گهرواري جي فائدي يا نقصان ڏي ڪو نہ ڏسندس. اگرچہ پنهنجي گهرواريءَ سان نهايت محبت رکندس، تڏهن بہ هن جون ڳوڙهن ڀريون اکيون مون کي پنهنجي ملڪ جي خير خواهيءَ جي مشڪل ڪمن ۾ ٽپي پوڻ کان ڪين روڪينديون، پوءِ ڪجهہ بہ ٿي پوي. مان پنهنجي گهرواريءَ سان سڀ دل جو حال اوريندس ۽ بلڪل ڳجهين صلاحن ۾ بہ هنکي پاڻ سان شريڪ ڪندس. منهنجو گهر سادگي ۽ سچائيءَ جو نمونو ٿيندو. هڪ وڏيڪ ڳالهہ هيءَ آهي تہ مون کي پنهنجي حياتيءَ ۾ وڏن ۽ مصيبت وارن ڪمن ۾ ضرور هٿ وجهڻو پوندو. مون جو شروعات ۾ ئي اهي پڪا ارادا ڪيا هئا تہ سڄي حياتي پنهنجي ملڪ جي ڪم ۾ لڳائيندس، سي مان ڪڏهن ڪين وساريندس. جڏهن ڏسندس تہ ملڪ جي فائدي لاءِ سچ چئي ڏيڻ جي ضرورت آهي، تڏهن ڪنهن بہ انسان جو خوف نہ رکندس، هڪدم سچ چئي ڏيندس. منهنجي سڄي دل منهنجي مُلڪ جي مِلڪ آهي.

پنهنجي هم وطنين جي مصيبتن گهٽائڻ لاءِ پنهنجو سڀ ڪجهہ، ملڪيت توڙي جان، جوکي ۾ وجهندس، ڪهڙيون بہ مشڪلاتون مون تي ۽ منهنجي ڪٽنب تي اينديون تہ اُنهن جي پرواه بلڪل ڪا نہ ڪندس. منهنجي پياري! مون هاڻي ڪليو ڪلايو پنهنجي چال ۽ ارادا تو کي ٻڌايا. سيني ڳالهين تي ويچار ڪر. پنهنجا عيب صواب توکي ٻڌائي مون پنهنجو فرض ادا ڪيو. جيڪڏهن انهن عيبن ٻڌڻ ڪري تو ۾ منهنجي لاءِ عزت گهٽ ٿئي، تہ بہ من منهنجي اخلاص (سچائيءَ) جو قدر ڪرين، جو اگرچہ پنهنجي دل جي مرادن حاصل ڪرڻ جو تمام گهڻو شوق اٿم، تڏهن بہ پنهنجا عيب تو کان ڪين لڪايا اٿم.“

جوان ڇوڪري بہ وري اهڙي عاشق جي لائق هئي. هن جواب ۾ لکيو تہ ”اهڙي شرافت ۽ اهڙي بلند همتي منهنجي دل وٺان آهن.“ شادي بعد ڇائيتاليهہ ورهين جي عرصي ۾ هن نيڪ زال پنهنجي پيار جهڙي ئي حب الوطني ڏيکاري ۽ گهڻي شوق سان پيستالازيءَ کي اهڙن ڪمن ڪرڻ لاءِ همتايائين ۽ جيڪي بہ مصيبتون ۽ مشڪلاتون انهن ڪمن ۾ مٿس آيون، سي بنا ڪرڪڻ جي سٺائين.

پيستالازيءَ جو نوان خيال کيتي باب پرايا هئا. سو سمجهيائين تہ اهڙيءَ طرح کيتيءَ ڪرڻ سان ٿوريئي وقت ۾ دولت هٿ ڪندس. زيورڪ کان ٿورو پري هن هڪ ردي زمين جو ٽڪر ورتو ۽ هڪڙي بئنڪ کان ٿورا پئسا اُڌارا وٺي ڀاڄيون ۽ گاه پوکڻ جو ارادو ڪيائين. سيپٽمبر 1769 ۾ شادي ڪيائين ۽ ڇهن مهينن بعد انهي گهر ۾ جو اُن زمين وٽ جوڙيو هئائين، تنهن ۾ پئي وڃي رهيا.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

اگرچہ کيتي بابت چڱا اُصول سکيو هو، ۽ محنت بہ گهڻي کيائين، تہ بہ فتح يابي حاصل ڪا نہ ٿيس. بئنڪ وارن پئسا موٽائي ورتس، جو هنن پانيو تہ پيستالازي خبردار نہ آهي. سندس زال جي مائٽن هن وقت سندس مدد ڪري کيس بک کان بچائي ورتو.

انهيءَ ڏنتڊي ۾ پيستالازي کي آخر ڪاميابي حاصل ٿئي ها يا نہ ٿئي ها، تنهن کان اڳيئي پاڻ کي ملامت ڪرڻ لڳو تہ ڇو هن ڪم ۾ غلطان ٿي ويو آهيان؟ ڪاڏي ويا منهنجا اهي خلق جي ڀلي ڪرڻ جا خيال؟ افسوس! مان پنهنجي سڄي طاقت پنهنجي فائدي جي ڪمن ۾ لڳائي رهيو آهيان! اهي خيال هن تي هيڪاري وڌيڪ تڏهن زور ڀري ويا، جڏهن پت ڄائس، ۽ هن وقت اهي خيال لازمن تعليم ڏي لڙڻ لڳا. هن وقت تائين هن کي ڪڙمين جي خراب حالت جي گهڻي خبر پئجي رهي هئي. ڪيئن هنن کي اهڙي حالت کان ڇڏائي سڌارجي؟

انهيءَ سوال جو جواب پيستالازي وٽ فقط هڪڙو هو. ڪهڙو؟ تعليم! اڄوڪي زماني جي ماڻهن جو خيال آهي تہ تعليم جيڪڏهن بلڪل ڪاميابيءَ سان حاصل ڪجي ٿي تہ فقط مزوريءَ کان ڇڏائي سرڪاري نوڪريءَ جو لائق ڪري ٿي. پيستالازي جو اهو خيال نہ هو. هن جو مطلب هو تہ رڳو ڪتاب پڙهڻ تعليم نہ آهي. هن غريب ڪڙمين جي ٻارن ڏي ڏسي اهو سوال پئي پڇيو تہ هنن جي اخلاقي ۽ دماغي حالت ڪيئن سڌارجي؟ رڳو ڪتابن جو علم ڪين سڌاريندن. اها ڳالهہ ايتري ضروري نہ آهي تہ جن ڳالهين جو هنن کي علم نہ آهي، تن جو علم هئڻ گهرجين، پر اها ڳالهہ ضروري آهي تہ جيڪي چڱيون هلتون ۽ عادتون هنن ۾ نہ آهن، سي هئڻ گهرجن. چڱن عملن جو مدار وري چڱن خيالن ۽ محبت واري دل تي آهي. جيڪڏهن اسين هنن سان اهڙيءَ طرح هلون، جو هنن تي پڪو اثر وهي تہ اسين هنن کي پيار ڪندڙ ۽ هنن جو ڀلو چاهيندڙ آهيون تہ هنن جون دليون کلي پونديون ۽ اسان کي بہ هو محبت ۽ عزت ڏيندا. هنن کي نہ رڳو وڏن جي عزت ڪرڻ سيکارجي، پر پنهنجي عزت رکڻ بہ سيکارجين. هنن کي پنهنجي پاڻ مدد ڪرڻ ۽ پنهنجي گذران لاءِ وس آهر ڪمائڻ سيکارجي. تنهن ڪري پيستالازيءَ ارادو ڪيو تہ تمام غريب ٻارن کي پنهنجي گهر ۾ ٽڪائي محبت سان هنن کي نپايان ۽ کيتي ۽ ڪتڻ جو ڪم ڪين سيکاريان، جيئن جلدئي پنهنجو گذران پاڻ ڪمائي سگهن. اهڙي طرح جيڪا آزمائش پنهنجي لاءِ پئي ڪيائين، سا ڇڏي ٻين جي لاءِ آزمائش شروع ڪيائين، جنهن ۾ بيشمار تڪليفن ڏسڻ جو امڪان هوس.

پهريان پهريان ٻار 1774 جي سياري ۾ پنهنجي گهر آندائين. جيڪي تڪليفون سندس زال ۽ ڇئن ورهين جي پٽ کي انهيءَ ڪري ٿيون، سي اهڙيون هيون، جو ڪنهن بہ ٿوري گهٽ جوش واري خيرخواهہ جي همٿ هارجي وڃي ها. هڪڙي هند


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

لکيائين تہ منهنجي گهر واريءَ کي ڏاڍي تڪليف سهڻي پيئي، پر ڪا بہ تڪليف اسان جي انهيءَ ارادي کي متائي نہ سگهي، پاڻ اسان پنهنجو سڀ وقت، طاقت ۽ پئسا تعليم سڌارڻ ۽ ماڻهن کي گهرو تعليم ڏيڻ ۾ لڳايا.

اهي ٻار جن جو تعداد ويهن کان متي نہ هو، سي پيستالازيءَ پنهنجا ٻار ڪري سنڀاليا. هو پيستالازيءَ سان گڏجي اونهاري ۾ باغ ۽ ٻنين ۾ ڪم ڪندا هئا ۽ سياري ۾ گهر ۾. جدا سبقن تي ڪو تمام ٿورو وقت لڳايو ويندو هو. هو هٿن سان ڪم بہ پيا ڪندا هئا ۽ سکندا بہ هئا. پيستالازيءَ جو خيال هو تہ پهريائين ڳالهائڻ سکجي، پوءِ لکڻ ۽ پڙهڻ. هو ٻارن کي گفتگو ڪرڻ جو استعمال ڪرائيندو هو. گفتگو انهن ڳالهين ۽ ڪن شين بابت ڪرائيندو هون، جن سان هنن جو روزمره جو واسطو هوندو هو. هنن کي انجيل جا ٽڪرا بہ چوارائيندو هو، جي هنن کي ياد ٿي ويا.

چوڻ ۾ ٿو اچي تہ ٿورن ئي مهينن ۾ هنن غريب ٻارن جي تصوير ئي اوَر ٿي ويئي. اگرچہ فقط روٽي ۽ ڀاڄيءَ تي گذران هون، تہ بہ مضبوط ۽ روشن روءِ ٿي پيا هئا، ۽ هنن جي منهن ۾ خوشي ۽ سچائي ۽ تيز فهمي، جي اڳي هنن ۾ بلڪل ڪين هيون، سي هاڻي ظاهر پئي بڪيون. هنن دستڪاريءَ ۾ خواه اُن سان لاڳو سبقن ۾ چڱي ترقي ڪئي ۽ ٻنهي ۾ ڏاڍو مزو پئي آين. هنن جي الفاظن خواه عملن ۾ سندن خيرخواه اُستاد جي پيار واري سنڀال پئي بڪي.

هن تعليمي آزمائش ماڻهن جو ڌيان گهڻي قدر ڇڪايو، ۽ جڏهن هڪ ورهيہ کان وڌيڪ عرصو گذريو، تڏهن هڪڙي اخبار جي مهتمم پيستالازيءَ کي سندس اخبار ۾ هڪ امداد طلب اعلان لکڻ تي آماده ڪيو. انهيءَ اعلان ۾ پيستالازي پنهنجي تعليمي تجربي جو بيان ڏنو آهي. لکيو اٿس تہ ”مون ثابت ڪري ڏيکاريو آهي تہ غريب ٻار جو پوري بدني، اخلاقي ۽ دماغي ترقي نٿا ڪن، سو نہ انهيءَ ڪري تہ سدائين پورهئي ۾ لڳل ٿا رهن، پر انهيءَ ڪري جو هنن جي زندگي گوڙ بگوڙ ۽ بي ترتيبيءَ ۾ ٿي گذري، ٻيو بک ڏک جي ڪري، ۽ وجهہ ملڻ وقت حد کان ٻاهر وڃڻ جي ڪري ٿيون انهن جي وحشي نفس کي دڳهي واڳ ڏيڻ جي ڪري، ۽ چوٿون نا اُميدي جي ڪري، جنهن ۾ هو اڪثر مبتلا رهن ٿا. مون ثابت ڪري ڏيکاريو آهي تہ جن ٻارن سستيءَ ۽ پنڻ ۾ پنهنجي تندرستي، طاقت ۽ همت وڃائي ڇڏي هئي، سي باقاعدي ڪم ڪرڻ سان وري تندرست ۽ خوش مزاج ٿي پيا آهن ۽ جلد وڏندا پيا وڃن. مون ڏٺو آهي تہ جيڪڏهن هنن کي خراب حالتن کان ٻاهر آڻجي ٿو تہ هو جلد مهربان، ايمان وارا ۽ همدرد ٿي ٿا پون. سڀ کان وحشي ٻار تي بہ پيار جو اثر پوي ٿو، ۽ جو ٻار مصيبتن ۾ مبتلا رهيو آهي، تنهن جون اکيون بہ خوشيءَ ۽ عجب کان روشن ٿي پون ٿيون. جيڪڏهن ورهين جي مصيبتن کان پوءِ بہ نرميءَ ۽ ميٺاج سان هنن کي محبت جو هٿ ٿو ڏجي، ۽ مون کي پڪ ٿي ويئي آهي تہ جڏهن ٻار جي دل


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

تي چڱو اثر پيدا ٿو ڪجي، تڏهن اُن جو نتيجو هن جي واڌاري ۽ چال تي تمام گهڻو پيدا ٿو ٿئي.“

انهيءَ ڪري پيسٽالازيءَ جو خيال هو ته تمام غريب ٻار اهڙي نموني جي اسڪول ۾ نپائي وڏا ڪجن، جتي هنن کي ڪيتيءَ ۽ هنر جو ڪم ڪرڻو پوي، جتي پنهنجي هٿن سان ڪاريگريءَ سان ڪم ڪري سگهن، ۽ جتي هنن جي وقت جو گهڻو حصو دستڪاريءَ ۾ لڳي، ۽ تعليم ۽ تربيت اُن ڪم سان شامل يا لاڳو هجي. تنهن ڪري هن پنهنجي اسڪول کي وڌائڻ لاءِ مدد گهري. پيسٽالازيءَ کي مدد ملڻ ڪري وڏيڪ همت ٿي. هن کي ٻارن لاءِ پيار تمام گهڻو هو، ويتر سندس سياءُ اهڙي قسم جو هو، جو پنهنجي سڀ ڪنهن ڪم ۾ فتحياب ٿيڻ جي حد کان ٻاهر اُميد رکندو هو. انهن سببن ڪري هن پنهنجو اسڪول وڌايو. نتيجو اهو ٿيو، جو هو ڪٽي پيو. انهيءَ ڪٽجڻ جا ٻيا به گهٽائي سبب هئا. ٻارن کي سڌارڻ ته پيسٽالازيءَ جي وس هو، پر انهن جي ماءُ پيءُ کي ڪيئن سڌاري، جي اڪثر ڪري پينو هئا، ۽ جن منجهه عيب به ڪيترائي هئا، جي اهڙن ماڻهن ۾ عام آهن. انهن ڪوتاه نظر ماڻهن سمجهيو ته پيسٽالازيءَ اسان جي ٻارن جي پورهئي مان پئسا ٿو ڪمائي. تنهنڪري هو اڪثر سندس گهر ويندا هئا، هن کي برو ڀلو ڳالهائيندا هئا ۽ اڪثر پنهنجن ٻارن کي پسٽالازيءَ جي ڏنل نون ڪپڙن ۾ ڀڄي نڪرڻ تي آماده ڪندا هئا، سندس فتحياب نه ٿيڻ جو اهو وڏو سبب هو. پر ٻيو سبب هي به هو ته پيسٽالازيءَ کي ضابطي ۽ انتظام رکڻ جي پوري لياقت نه هئي. ۽ ان ڪانسواءِ آزمائش به اهڙي طرح هلايائين، جو فائدي جي بدارن اٽلندو نقصان پيس. پاڻ ٿو چوي ته منهنجو اُصول هو ته شروعات ڪان وٺي ڪم شروع ڪجي ۽ پهريائين تعليم جو بنياد ٻڌڻ گهرجي. انهيءَ پنهنجي اُصول جي برخلاف مون ٻارن کي اهڙي ڪم ۾ وڌو، جو هنن لاءِ بلڪل ڏکيو هو ۽ کهرين شين جي ٿلهن ڌاڳن تي استعمال ڪرائي هوشيار ڪرڻ کان اڳيئي مون هنن کان نازڪ ڌاڳا نهرايا، ۽ ڪپهه جي ڪپڙي نهرائڻ کان اڳيئي ريشمي مال ناهڻ جو ڪم ڪرايو مان. انهيءَ غفلت جي سڌ پوڻ کان اڳيئي مَان قرض ۾ ٻڏي ويس، ۽ منهنجي پياري زال جي ملڪيت جو وڏو حصو ۽ اُميدون گويا گهڙي ۾ دونهون ٿي پيون.

قرض خواهن جو قرض ڪيئن چڪايو ويو، تنهنجي تفصيل وار خبر ڪانهي. فقط ايتري معلوميت آهي ته سڀ ٻار جيڏانهن جا هئا، اوڏانهن موڪليا ويا، ۽ ٻني قرض خواهن کي مقاطعي تي ڏني ويئي، پر پيسٽالازي ٻنيءَ واري گهر ۾ ئي رهيو. اهو فيصلو سنه 1780 ۾ ٿيو.

نيپوهاف (پيسٽالازي جي گهر) جي دردناڪ وقت جو جيڪو بيان پيسٽالازي پوءِ ڏنو، تنهن ۾ لکيو اٿس ته منهنجا وار اڇا ٿي ويا هئا، ته به اجا ٻار هوس. جي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

طاقتون دل کي قوي ڪنديون آهن، سي اگرچه ڪمزور تي ويون هيم، ته به مون اهڙي طوفاني زماني ۾ به پنهنجو هميشه وارو ارادو قائم رکيو. پنهنجن ڏکن جي ڪري مان ٻين جا ڏک ۽ انهن جا سبب اهڙيءَ طرح سمجهي تي سگهيس، جيئن ڪو به ماڻهو اهڙن ڏکن پوڳڻ کانسواءِ سمجهي نه سگهندو. مون به اهي ئي ڏک ڏٺا، جي ٻين پوڳيا. عجب جهڙي ڳالهه آهي ته جن متن تي مون پنهنجو اسڪول هلايو هو، تن جي سچائي تي مون کي ايتري پڪ ڪڏهن ڪا نه ٿي هئي، جيتري انهيءَ آزمائش ۾ فتح ياب نه ٿيڻ کان پوءِ ٿيم.

پيسٽالازيءَ کي اجا به ڪي ٿورا دوست هئا، جن هن خيالن کي حقارت سان نه ٿي ڏٺو. انهن مان هڪڙو هو آئزلن، ايفمرائيڊز اخبار جو مهتمم. هن دوست هن کي پنهنجي اخبار ۾ مضمونن لکڻ لاءِ همٿايو. انهن مضمونن ۾ پنهنجاتعليمي اُصول بيان ڪيا اٿس. انهن جي بيان ڪرڻ جي هتي جاءِ ڪانهي، مگر هن ئي ڪتاب ۾ اهي اُصول اڳتي اچي ويندا. اُن وقت جي ماڻهن انهن اُصول کي نڪي سمجهيو،نڪي انهن تي ڌيان ڏنو. انهن مان هڪڙو اُصول هي آهي: فطرت جو رستو، جو ماڻهن جون طاقتون ظاهر ڪري ٿو، سو ڪليل ۽ سنئون سڌو هئڻ گهرجي، ۽ انساني تعليم آرام ڏيندڙ عقل حاصل ڪرڻ لاءِ سادي ۽ سڀ ڪنهن لاءِ سولي هئڻ گهرجي. فطرت ماڻهن جون طاقتون استعمال ڪرڻ سان ظهور ۾ آڻي ٿي، ۽ انهن طاقتن کي ڪم آڻڻ سان انهن جو واڌارو ٿئي ٿو. هتي آرام جي معنيٰ سستي ۽ ننڊ نه آهي، مگر هتي آرام جي معنيٰ آهي الله تعاليٰ جي رضا ۾ راضي رهڻ ۽ الله تعاليٰ جو راضپو حاصل ڪرڻ. دل جو آرام سچي تعليم سان حاصل ٿئي ٿو. هو چوي ٿو ته الله تعاليٰ ۾ ايمان آڻڻ انسان جي فطرت جو ڀاڱو آهي ۽ سڀ تعليم جو بنياد اهو ايمان هئڻ گهرجي.

اهي مضمون نڪي ماڻهن کي پورا سمجهه ۾ اچي سگهيا، نڪي انهن تي ڪنهن ڌيان ڏنو. تنهن ڪري پيسٽالازيءَ جي دوستن هن کي ساڳيائي خيال ڪنهن وڻندڙ ۽ وندرائيندڙ نموني ۾ لکڻ لاءِ آمادو ڪيو. انهن جي صلاح موافق پيسٽالازيءَ هڪ اهڙو قصو لکڻ شروع ڪيو، جنهن ۾ ٻهراڙيءَ جي ماڻهن جو فوٽو نڪري اچي ۽ انهن جي دردناڪ حالت جا سبب انهن جي سڌاري جا علاج بيان ٿي وڃن. حيرت انگيز تيزيءَ سان هڪ ڪنڌي جي ڪتاب جي سٽن جي وچ ۾ هن "ليونارڊ ۽ جرٽروڊ" ڀاڱو پهريون لکي پورو ڪيو. هن قصي جي آڪاٽي اهڙي پوري بيان ڪيل هئي، جو اُن کي ڀاڱو پهريون چوڻ ئي غلط آهي، پر پيسٽالازيءَ پوري انهيءَ آڪاٽيءَ کي وڌايو، تنهڪري پهرئين ڪتاب کي پهريون ڀاڱو ۽ ٻئي کي ٻيو ڀاڱو ٿو سڏجي. اهو پهريون ڀاڱو آئزلن جي ڪوشش سان هڪڙي ڪتب فروش ڇپايو ۽ ڪتاب هڪدم مشهوري حاصل ڪئي ۽ تمام گهڻو پسند پيو. هوشيار نقاش فطرت جي شين جي تصوير نه رڳو ظاهر پوري ڪيندو آهي، پر منجهس اهڙي حڪمت رکندو آهي، جو ڪي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

ڳالهيون جي رواجي ماڻهن کي اصل ڏيان ۾ ڪين ايندڙيون آهن، سي نقل ۾ هن کي چٽيون ڏسڻ ۾ ايندڙيون آهن. سئٽزرلنڊ جي ڪڙمين جي حالت جو فوٽو به پيسٽالازيءَ اهڙو ئي ڪڍيو آهي. انهن ڪڙمين جو بيان نه رڳو ظاهري پورو آهي، پر منجهس اهڙيون ڳالهيون ظاهر ڪيل آهن، جي فقط لکن مان ڪنهن هڪڙي خدائي ڏنل فراست واري انسان کي ڏسڻ ۾ ٿيون اچن، پر هن ڪم واسطي فراست کان سواءِ ٻين شين جي به ضرورت هئي، يعني حب ۽ همدرديءَ جي.

پهرئين ڇاپي جي ديباچي ۾ لکيو اٿس ته ”جيڪي مون هن ڪتاب ۾ بيان ڪيو آهي، سو سڀ مون پاڻ ڏٺو ۽ ٻڌو آهي، ۽ جيڪي به ماڻهن کي چوندو، ٻانئيندو، ويساهه رکندو، دريافت ڪندو ڏٺو ۽ ٻڌو اٿم، تنهن منجهه مون ذرو به وڌاءُ نه ڪيو آهي، نڪو پنهنجو ڪو خيال اُن سان ملايو اٿم.“

جتي به جرمن ٻولي پڙهڻ ۾ ٿي آئي، اُتي هن ڪتاب تمام گهڻي شهرت حاصل ڪئي. ۽ اگرچہ اڪثر ماڻهن کي رڳو چڱي آکاڻيءَ جي ڪري ٿي وڻيو، ته به ڪن دماغ وارن ماڻهن اُن جون اندروني خوبيون به پروڙيون. برلن شهر جي زراعتي انجمن هن ڪتاب جي مصنف ڏي شڪرنامو ۽ هڪ سونو پلو موڪليو، ۽ هڪدم اها عام قبوليت هيئت اچي ويئي ته پيسٽالازي ٻهراڙيءَ جي حالت کان پورو واقف آهي، ۽ هنن کي بهتر حالت ۾ آڻڻ لاءِ چڱا خيال اٿس. اهو ڪتاب دنيا جي انهن ڪتابن مان آهي، جي هميشه زنده رهڻ گهرجن. سيڪنهن انسان، خصوص ماسترن، کي ضرور پڙهڻ گهرجي.

هن ڪتاب ۾ ڪيترن هنن تي پيسٽالازيءَ جي ذاتي تجربن جي خبر پوي ٿي. مثلن هڪڙي هنڌ لکي ٿو ته " جنهن پيار ۽ صبر سان جيترو ۽ ڪريل ٻارن جو گوڙ ۽ فساد برداشت پئي ڪيو، سو بيان ڪرڻ کان ٻاهر آهي. ٻارن جون اکيون ڏاڍيون ٿي هئڻ بدارن هيڏي هوڏي پئي ڦريون، جنهن ڪري ڏاڍو بعضي تمام ٿلهو بعضي سنهو پئي ٿيو. جڏهن ڏاڍو ڪرين پئي، تڏهن اک وني مٿين جون مٿيون دريءَ کان ٻاهر اُڇلائي پئي ڇڏيائون. نيٺ انهيءَ حرڪت جي ٿيٺ پئجي ويئي ۽ جرٽرود انهيءَ ڪري شام وقت سيني جو ڪم توري ڏسندي هئي.“ انهي بنسبت پيسٽالازي پنهنجو تعليمي متو ڪماليت حاصل ڪرڻ وارو هن طرح بيان ڪيو آهي ته جيڪي تون اکيون ٻڌي ڪري نٿو سگهين، سو تون بلڪل ڪو نه ٿو ڪري سگهين.“

ڪتاب ۾ ائين چيل آهي ته ”جرٽرود پنهنجو تعليمي رستو الفاظن ۾ سمجهائي ڪين ٿي سگهي.“ پيسٽالازيءَ هتي سچ پچ پنهنجي حالت بيان ڪئي آهي. پر جرٽرود وانگر پاڻ به بعضي بعضي اهڙو معنيٰ سان پريل لفظ چئي وجهندو هو، جو تعليم جو بنياد هجي. مثلن هڪڙي پيري جرٽرود هڪڙي اسڪول ماستر کي چيو ته ”جيڪي ٻارن لاءِ ماءُ پيءُ نٿا ڪري سگهن، سو تو کي ڪرڻ گهرجي. سڀ ڪان وڏي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

گهرج جيڪا ٻارن جي آهي سا لکڻ، پڙهڻ ۽ حساب سکڻ نه آهي. اهو سڀ ڪجھ سکڻ بيشڪ انهن لاءِ فائديمند آهي، پر جيڪا سچ پچ مکيه ڳالھ آهي، سا آهي ڪجھ ٽيڻ (يعني چڱن ۽ وڏن ڪمن ڪرڻ جو لائق ٿيڻ ۽ چڱيءَ دل وارو ٿيڻ). جڏهن اسڪول ماستر ۽ اسڪول هلائيندڙ هن حقيقت کي چڱي طرح پروڙين، تڏهن قومي تعليم جي سڌاري جي ڪجھ اُميد پيدا ٿئي ٿي.“

جرٽرود ٻارن کي ننڍپڻ ۾ ئي دستڪاريءَ ۾ چالاڪ ڪرڻ جي ڪوشش ورتي. لکڻ ۽ پڙهڻ جي تعليم ڏيڻ ۾ تڪڙ ڪانه ڪيائين، پر جيڪا جفا ڪيائين، سا انهيءَ تي  ته ٻار ننڍي هوندي ئي ڳالهائڻ سکن. پاڻ چوندي هئي ته ”جيڪڏهن ڪنهن شخص کي ڳالهائڻ ئي نٿو اچي، ته رڳو لکڻ ۽ پڙهڻ مان ڪو گهڻو فائدو ڪو نه ٿيندس، جو ته لکڻ ۽ پڙهڻ  ڳالهائڻ جو هڪڙو حرفتي يا غير فطرتي نمونو آهي.“ ٻارن کي تعليم ڏيڻ ۾ هوءَ سيڪاريندڙ جو نمونو ڪين وٺندي هئي. هن جي زباني تعليم هن جي ڪم ڪار ۾ لڪل هوندي هئي، ۽ اها زباني تعليم اُن ڪم سان لاڳو هوندي هئي. هن جي اِنهي تعليمي رستي جو نتيجو اهو ٿيو، جو هر ڪو ٻار پنهنجي عمر آهر ڪاريگر، سمجھو ۽ ڦڙت ٿي پيو. هن ڪتاب ۾ ڏيکاريل آهي ته علم بيڪار آهي، جيستائين اُن جو بنياد عمل تي ٻڌل نه آهي. پادري کي پڪ ڄمي ويئي ته جيڪڏهن تعليم جو مقصد آهي سچو انساني عقل حاصل ڪرڻ، ۽ جيڪڏهن اُن جو وري آخرين مقصد آهي سچو دين سڃاڻڻ، ته تڏهن زباني تعيلم کان اڳ گهرو ڪم ڪرڻ جو دائمي استعمال ڪرائڻ گهرجي. انهيءَ ڪري هن گهٽن لفظن استعمال ڪرڻ کان سواءِ ٻارن کي ماٽ ميٽ ۾ ڪم واريءَ زندگيءَ ۾ وجهڻ جي، ۽ اهڙي طرح خدا تعاليٰ جي مانيٽي عبادت ۽ ذات انسان لاءِ حب جي بنياد ٻڌڻ جي، ڪوشش ڪئي. انهيءَ مطلب واسطي هو پنهنجي مختصر ديني تعليم جو هر هڪ لفظ روزمره جي واقعن سان لاڳو ڪندو هو، ايتري قدر جو جڏهن هو الله تعاليٰ ۽ ازل بابت ڪجھ چوندو هو، تڏهن ٻار ڄڻ گويا ائين ئي پائيندا هئا ته هو پيءُ ماءُ ۽ گهر گهاٽ بابت ٿو ڳالهيون ٻڌائي، يعني اُنهن شين بابت جن کان هو چڱي طرح واقف هئا. اهڙي طرح هن اسڪول ماستر بنيادي تعليم تي واڌارو پئي ڪيو. جيئن ماستر ڇوڪرن جي دماغ سڌارڻ لاءِ ڪوشش پئي ڪئي، تيئن پادريءَ وري اُنهن جي دلين سڌارڻ جي ڪوشش پئي ڪئي، ۽ مرضي هيس ته جيڪي به ٻارن جي مغز يا دل ۾ وجهجي، سو اهڙو صاف ۽ چٽو هجي، جهڙو آسمان ۾ مانيٽو چنڊ. انهيءَ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ هن ٻارن کي خبرداري سان ڏسڻ ۽ ٻڌڻ تي هيرايو ۽ هنن جي ڌيان ڏيڻ جي طاقت وڌايائين.

اگرچه ٻارن لاءِ گهڻو پيار هوس، تڏهن به شوخيءَ کان خالي نه هو. پيستالازي چوندو هو ته تعليم ۾ پيار فقط تڏهن ڪارائتو ٿيندو، جڏهن  ڊپ سان ڳنڍيل هوندو،


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

چو تہ ٻارن جا ڪندا ڪرڙا (يعني خراب عادتون) پٽي ڪيڏا آهن، جي هو پاڻ ڪڍهن ڪين ڪيندا آهن. جيستائين تربيت سان گڏ مٽن زور نہ رکبو آهي.

پنهنجن خيالن جي پکيڙڻ لاءِ هن هڪڙي هفتي وار اخبار ڪڍي ۽ 1782 جو سڄو سال هلايائينس. پر خريدار ايترا ٿورا هئا، جو لاچار ٿي اخبار بند ڪيائين. اخبار بيشڪ عقلي ڳالهين ۽ خيالن سان ڀريل هئي، پر نہ انهيءَ قسم جون ڳالهيون ۽ خيال، جن لاءِ اخبارن جا پڙهندڙ شائق آهن. انهيءَ اخبار ۾ انسان جي وڌڻ ۽ ٻوٽي جو وڌڻ جي تشبيهہ (هڪجهڙائي) ڏانهن اشارو ٿيل آهي. اها تشبيهہ اڳ بہ ڪم آندل هئي، پر پيسٽالازي سندس شاگرد فروبيل اِن مان گهڻا سبق سيکاريائون. انهيءَ اخبار ۾ انهيءَ تشبيهہ بہ نسبت هي جملو آهي "اي اونهاري جا ڏينهن! مون کي سيکار تہ انسان جيڪو مٽي مان ٿهيو آهي، سو اهڙيءَ طرح ٿو وڌي ۽ پڪو ٿئي، جيئن ڌرتيءَ ۾ پوکيل ٻُوٽو."

1787 کان وٺي 1797 تائين پيسٽالازيءَ ڪجهہ ڪين لکيو.اگرچہ هيستائين پيسٽالازي تمام مشهور ٿي ويو هو ۽ جرمني ۽ ٻين ملڪن جي وڏن ماڻهن ۽ مصنفن سان واقفيت حاصل ٿي هيس ۽ عزتون ۽ لقب مليا هئس، تڏهن بہ ذري گهٽ بک ٿي مئو. انهيءَ حالت ۾ ڪيس نااُميديءَ کان سواءِ ڪجهہ بہ حاصل ڪين هو. اسان اڳيئيءَ لکيو آهي تہ پيسٽالازيءَ جي حياتي ۾ هن جاڪمر سڀ دين تي ٻڌل هئا. جيتوڻيڪ ملڪي ۽ جمهوري خيالن جي زور وٺڻ ڪري هن کي ڪرستاني مذهب ۾ شڪ پوڻ لڳو، تڏهن بہ هو هاڻوڪن ڪرستانن کان وڌيڪ پڪو ڪرستان هو.

هن وقت هو شڪايت ٿو ڪري تہ ڪيتي منهنجو سڀ وقت ڪنيو ٿي وڃي، سياري جي فرصت واسطي دل ڏاڍو ٿي چاهي، منهنجو وقت ٻاڇي وانگر گذرندو ٿو وڃي. انهيءَ وقت پيسٽالازيءَ جي عمر چائيتاليهہ ورهيہ هئي ۽ ٻانيائين ٿي تہ مون هيستائين ڪجهہ بہ ڪين ڪيو آهي. هنن کي ٻيا پنج ورهيہ انتظار ڪيڏو پيو، تنهن کان پوءِ ڪيس ڪجهہ ڪرڻ جو وجهہ مليو.

هڪڙا ماڻهو ٿيندا آهن، جن جو دماغ ۽ خيال تمام سنا هوندا آهن، ٻيا وري اهڙا آهن، جي عمل ۽ انتظام ۾ تکا هوندا آهن. پر اهڙا ماڻهو ڪي ورلي ٿالين، جي ٻنهي ۾ تکا هجن. پيسٽالازي ۾ اگرچہ عمل ۽ انتظام بہ نسبت گهٽتايون هيون، مگر تنهن هوندي بہ هو ٻنهي ڳالهين ۾ قابل هو. هن نہ رڳو ڳولي ڪڍيو تہ ڇا ڪرڻ گهرجي، پر ائين ڪرڻ لاءِ عاليشان ڪوششون بہ ڪيائين. اسان ڏٺو آهي تہ هنجي نيوهاف واري ڪوشش رڳو سندس هئي. اهڙيءَ طرح ٻي ڪوشش جيڪا سٽئنز واري ڪيائين، سا بہ رڳو سندس هئي. هن جو بيان اڳتي ايندو، مگر انهي کان پوءِ جيڪي ڪم ڪيائين،تن ۾ ٻيا بہ ساٿس شامل هئا. سٽئنز کان اڳي پيسٽالازي جيڪي پنهنجا خيال ظاهر ڪيا، تن مان ڪجهہ ڏجن ٿا:


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

پيستالازيءَ اها ڳالهه سوچي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته غريب ماڻهن کي ڪيئن مفلسي ۽ تباهيءَ کان بچائجي. هن جو خيال هو ته سندن اها حالت تيستائين هلندي ايندي، جيستائين اخلاقي ۽ دماغي مفلسي قائم هوندن، تنهنڪري تيستائين بهتريءَ جي اميد ڪا نه رهندي، جيستائين اهڙي تعليم نه ملندن، جا هنن کي وڌيڪ نيڪ ۽ سمجهُو ڪري. تمام وحشي ماڻهن جي ٻارن کي چڱي طرح جاچي ڏسڻ مان معلوم ٿيس ته هنن ۾ به چڱين لياقتن ۽ گڻن جو ٻج موجود آهي، جنهن کي چڱي طرح سنڀالي وڌائجي ته هو هوشمند ۽ ايماندار انسان بنجي پوندا پر اُن وقت جي تعليم اِهو سڌارو بلڪل ڪو نه ٿي ڪيو. ٻارن جي لياقتن ۽ گڻن کي سڌارڻ ۽ وڌائڻ بدران اُنهن کي ٻين جو علم ۽ ٻين جا خيال ياد ڪرايا ويندا هئا.

تنهن ڪري اُن وقت جي تعليم ٻار جي ذاتي لياقت کي اُڏارن خيالن سان دفن ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهه ڪين ڪندي هئي. هن اُصول تي عمل ڪري هن ٻارن جي اندروني قوتن کي زور وٺائڻ جو رستو ڳولي ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي، ۽ ڏنائين ته فطرت انساني قوتن کي زور ٿي وٺائي اُنهن کي ڪم آڻڻ سان ۽ جيئن اهي قوتون وڌيڪ ڪم ٿيون آڻجن، تيئن اُهي وڌيڪ زور ٿيون وٺن. انهن قوتن کي فقط روزمره جي حالات ۽ ڌنڌن ۾ شامل ٿيڻ سان ڪم آڻي ٿو سگهجي. تنهن ڪري هن بدني ۽ دماغي ڪم، ڌنڌو ۽ تعليم، ڪارخانو ۽ اسڪول هڪ ٻئي سان شامل ڪيا. تعليم بنسبت هو ڪڏهن به ائين چوڻ کان نه ٿڪبو هو ته جيستائين اوائلي سبق تمام پوري طرح نه سکي رهجن، تيستائين اڳتي نه وڌجي.

مطلب ته پيستالازيءَ جو مکيه خيال اهو هو ته جيڪو سچو علم، ڪمائتيون طاقتون ۽ شريف جذبا ڪوئي به شخص حاصل ڪري ٿو، سي فقط هن جي ذاتي لياقت جو وڌارو آهن، جو واڌارو هنجي خدائي ڏنل طاقتن کي زور وٺائڻ ۽ ظاهري دنيا کي پنهنجن حواسن سان پروڙڻ سان ٿئي ٿو. انهيءَ واڌاري ۽ پروڙ جو هڪ خاص قدرتي سلسلو آهي، جنهن جي اسڪول ماستر بلڪل خبر ڪا نه ٿا لهن.

سنه 1798 ۾ سئٽزرلينڊ فرينچن جي قبضي ۾ آيو. سپ انتظام فرينچ نموني تي رکيو ويو ۽ سئٽزرلينڊ جي حڪومت پنجن ناظمن جي هٿ ۾ ڏني ويئي. پيستالازي رعيتي راڄ جي فائدي ۽ غير محدود بادشاهت جي برخلاف هو، تنهنڪري هن نئين سرڪار جي قلمي پٺ ڀرائي ڪئي. اهي ناظم ليونارڊ ۽ جرٽروڊ جي مصنف کي پنهنجو مددگار ڏسي ڏاڍا خوش ٿيا ۽ هنکي سندس نون خيالن جي پکيڙڻ لاءِ هڪڙي اخبار جو مهتمم ڪيائون. هنن سمجهيو ته جيئن ٻيا به ڪنهن غرض سان سرڪار جي پٺ ڀرائي ٿا ڪن، تيئن پيستالازيءَ جو به ڪو غرض هوندو. پر جڏهن پڇيائونس ته تو کي ڇا گهرجي، تڏهن چيائين مان اسڪول ماستر ٿيڻ ٿو گهران. ناظمن خوشيءَ سان هنکي پنهنجي نئين رستي سان تعليم ڏيڻ جي موڪل ڏني ۽


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

آرگا ۾ هڪڙي اسڪول کولڻ لاءِ پئسن ڏيڻ جو انجام ڪيائون.

پر اخبار جي مهتمم ۽ نئين اسڪول جي تجويز اوچتو روڪجي پيون. سئٽزرليند جي ڪئٿالڪ مذهب وارن ماڻهن کي پنهنجي آزادي وڃائڻ ۽ نئين سرڪاري جي تابعداري ڪرڻ پسند نہ آئي، ڇو تہ هنن فرينچن کي دين کان ڦريل، بلڪل خدا کي نہ مڃيندڙ تي سمجهيو. تنهن ڪري فرينچن جي سپاهين مٿن حملو ڪري ڪيترين ئي ظالن خواه ٻارن کي قتل ڪري ڇڏيو. ناظمن کي اندروني طرح اها سپاهين جي وحشياڻي هلت پسند نہ آئي، مگر ظاهرن فقط ايترو ڪري سگهيا، جو 111 ٻڍن ماڻهن، 169 ڇورن ۽ 237 ٻين ٻارن جي گذران لاءِ بندوبست ڪرڻ لڳا، جو اُنهن جا سنڀاليندڙ قتل ڪيا ويا هئا. ناظمن مان هڪڙي لي گرئنڊ، پيسٽالازيءَ کي چيو تہ في الحال ٻيون تجويزون ڦٽيون ڪري سٽئنز ۾ وڃي انهن ڇورن ۽ بيواهن ٻارن جي پرگهور ڪريو. پيسٽالازي اهڙو ماڻهو نہ هو، جو اهڙي ڪم کان انڪار ڪري. هو هڪدم روانو ٿيو. ڪي جايون، جي ڪرستان فقيرياڻين جي مڪان سان ڳنڍيل هيون، سي ان مڪان جي فقيرياڻين جي موڪل کان سواءِ پيسٽالازيءَ جي حوالي ڪيون ويون. انهن جاين جي تيار ڪرڻ لاءِ مزور ٻيهاريا ويا. اجا هڪڙو ڪمرو مس رهڻ جي لائق ڪيو ويو، تہ پيسٽالازيءَ 40 ٻار وٺي اُن ۾ رهڻ لڳو. اهو جنوري جو مهينو هو ۽ سيارو بہ تمام سخت هو.

اهڙي مشڪل حالت ۾ پيسٽالازيءَ جي نون تعليمي رستن جي آزمائش شروع ٿي، جا پنجن مهينن تائين هلي. مشڪلاتون بہ تمام سخت هيون. شروعات ۾ پيسٽالازي ۽ سيئي ٻار فقط هڪڙي ڪمري ۾ رات ڏينهن بند پيل هوندا هئا. هڪڙي نوڪرياڻيءَ کان سواءِ ٻيو ڪو بہ مددگار ڪو نہ هوس ۽ ٻارن واسطي سڀ ڪجهہ پاڻ ڪرڻو پوندو هوس، رڳو پيشاب ٽورو ڪرائڻ بہ. جيترو ٿي سگهيو اوترو جلد ٻارن جو تعداد وڌائي 80 تائين آندو ويو. پوءِ تہ ڪن ٻارن کي ٻاهر سمهڻو پوندو هو. اهي تڪليفون اگرچہ وڏيون هيون، پر انهن کان بہ وڏيون تڪليفون ماڻهن جي مخالفت ۽ ڏکار جي ڪري پيسٽالازيءَ کي پيش آيون. اهي ئي ماڻهو جن جي مدد لاءِ هو آيو هو، تن کي هو همدرد ڪين ٿي ڏسڻ ۾ آيو، مگر شيطان جو نوڪر ۽ انهيءَ سرڪار جو گماشتو، جنهن پنهنجا وحشي سپاهي موڪلي هنن غريب ٻارن جا ماءُ پيءُ قتل ڪرايا، ۽ هڪڙو پراٽيسٽنٽ جو سپاهين جي جسماني قتل سان گڏ وري روحن کي ناس ڪرڻ آيو هو. پيسٽالازي جنهن هنن جي فائدي لاءِ سخت ڪوششون پئي ڪيون، تنهن کي شٽئنز جي ماڻهن جي دشمني تي عجب پئي لڳو. مگر اسين ايترو قبول ڪنداسين تہ اهڙين حالتن ۾ اها دشمني فطرتا ٿيڻي هئي.

انهن سخت مشڪلاتن هوندي بہ پيسٽالازي پورو پورو فتحياب رهيو. پنج مهينا جي هن ٻارن سان گذاريا، تن ۾ ٻارن جون دليون فتح ڪري ورتائين، ۽ هنن جي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

بدني، دماغي ۽ اخلاقي حالت جادوگري حد تائين تبديل ڪري ڇڏيائين. هڪڙي شخص اُن وقت چيو تہ جيڪڏهن دنيا ۾ ڪو معجزو آهي تہ هي آهي. اهو سڀ هن جي ايمان جي تقويت ۽ دل جي عجيب ڪشادگي جو نتيجو هو. هنڪي پڪو ويساهہ هو، هن پڪو ارادو رکي ڪم ڪيو، تنهنڪري هن کي فتحيابي ٿي.

اگرچہ چڱي نتيجي نڪرڻ ڪري هن سخت محنت وڌيڪ وقت تائين نہ ڪري سگهي ها، جو هنجي عمر ورهين ۾ هئي ۽ ان ڪري جلد سندس حياتي کي جوکو رسي ها. سچ پچ، جون 1799 ۾ وات مان رت پئي آيس ۽ انهيءَ وقت ئي فرينچ سپاهين، جن جي ڪري هو هت آيل هو، تن ڪيس وري اُتان اچي ڪڍيو. فرينچن کي آسٽرين پنتي هٽايو، جنهن ڪري ڪين هڪ اسپتال جي ضرورت ٿي. انهيءَ ڪري هنن اهي جايون، جن ۾ پيسٽالازي ۽ ٻار رهندا هئا، سي پنهنجي لاءِ گهريون. تنهنڪري گهڻو ڪري ٻار ڪڍي ڇڏيائون. اتي نيٺ هن کي پنهنجي تندرستي جو خيال آيو ۽ هو جبلن ۾ ڪن چشمن وٽ وڃي رهيو. سندس اڪثر تعليمي خيال هن سٽئنز واري آزمائش سان پيريل هئا. تنهنڪري سندس آزمودي جو ڪجهہ بيان هتي سندس ئي الفاظن ۾ ٿو ڏجي، جو پنهنجي هڪڙي دوست ڏانهن خط ۾ لکي موڪليو هئائين.

”اجا پئسن کان سواءِ مون وٽ ڪجهہ بہ ڪين هو تہ ٻارن جي ٽولي بہ اچي ويئي. انهن کي رهائڻ لاءِ نڪو بورچي خانو، نڪي ڪمرا ۽ نڪي بسترا هئا. انهيءَ ڪري ٻهريائين قصو ئي گڙ ٻڙ ٿي پيو. ڦورو بہ اهڙو منجهي پيو، جو لوڪڻ جي واه ڪا نہ ٿي سمجهي. پهرين ٿورن هفتن ۾ آءُ هڪڙي ننڍڙي ڪمري ۾ پوريو پيو هوندو هوس. هوا خراب هئي، ۽ ويتر جاءِ ۾ جيڪا ڦير گهير پئي ٿي، تنهنڪري مٽي پئي اُڏاٽي ۽ ورانڊا گندگي سان پرجي ويا. انهيءَ ڪري هوا وڌيڪ خراب ٿي پيئي.“

بسترن نہ هئڻ ڪري ٻهريائين لاچار ٿي ڪن ٻارن کي رات جي وقت سندن گهر ڏانهن موڪليندو هوس. اهي ٻار گهڻو ڪري ٻئي ڏينهن جُوئن ۽ ٻين جيتن سان پرجي ايندا هئا. ٻهريائين اچڻ وقت گهڻا ٻار انسانيت جي بدترين حالت جا نمونا هئا. ڪيترن کي چمڙيءَ جو دائمي مرض هو، جنهن جي ڪري هلي بہ مس ٿي سگهيا، يا مٿي ۾ پت هئن، يا جُوئن سان پريل ٽڳڙيون ڍڪيل هئن. انهن مان ڪيترا وري اهڙا ضعيف هئا، جو گويا هڏن جا پڃرا هئا، منهن دردناڪ هئن ۽ ڊچ کان نهاري نٿي سگهيا. ڪي وري وڏا بدمعاش هئا، جي پنڻ، ڪوڙ ۽ دغا ۾ پڪا ٿي ويا هئا. ٻيا وري مصيبت زده صابري، شڪي ۽ ڊڄڻا هئا، ۽ منجهن محبت جو انگ بلڪل ڪو نہ ٿي ڏسڻ ۾ آيو. انهن ۾ ڪي وري ڪريل ٻار بہ هئا، جن دنيا جي عيش عشرت جو مزو چکيو هو، ۽ انهيءَ ڪري هٺ ۽ فخر دلي ٿي ڏيکاريائون. هنن ٻين کان پري رهڻ پسند ٿي ڪيو ۽ پنهنجي غريب سنگتين کي ڌڪار سان ٿي ڏٺائون. ٻين سان برابري


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

هنن کي سخت ڏکي ٿي لڳي ۽ اسان جي گهرجي هلت چلت موافق رهڻ هنن کي محال ٿي لڳو، ڇو ته اها هلت چلت هنن جي اصلوڪين عادتن کان بلڪل ٻيءَ طرح جي هئي. پر جيڪو عيب سيني ۾ عام هو، سو هو ڪمال سستي. اها سستي انهيءَ ڪري پيدا ٿي هئي، جو سندن بدن ۽ دماغ کي وزش ڪا نه نلي هئي. ڏهن مان هڪ ٻار مس الف، ب سکيل هو، ٻيو علم ته بلڪل ڪونه هون.“

منجهن اسڪولي علم نه هئڻ جي مون کي پرواه ڪا نه هئي، ڇو ته مون کي اُنهن خدائي ڏنل طاقتن ۾ ڀروسو هو، جيڪي تمام غريب ۽ ناتربيت يافته ٻارن ۾ به رکيل هونديون آهن. مون گهڻي وقت کان جاچي ڏٺو هو ته سندن جهنگائپ، بزدلي ۽ ظاهري ڪم لياقتيءَ جي پنيان بهترين خاصيتون ۽ تمام قيمتي طاقتون لڪل هيون، ۽ هاڻي جن ٻارن جي وچ ۾ مان رهندڙ هوس، تن ۾ به فطرتي طاقتون جلدئي ظاهر ٿيڻ لڳيون. مون کي معلوم هو ته حياتي جون رواجي ضرورتون ماڻهن کي شين جي لاڳاپن سيکارڻ، فطرتي سمجھ ۽ ظاهري جهنگلائپ هيٺيان پوريل هجڻ ڪري ڪم آڻي ڪارائتيون ڪري نٿيون سگهجن، جيستائين اُنهن کي آزاد نٿو ڪجي. تنهنڪري منهنجو مقصد هو انهن طاقتن کي آزاد ڪرڻ ۽ گهرو زندگي جي صاف ۽ سادين حالتن تي انهن جو استعمال ڪرڻ. ڇو ته مون کي پڪ هئي ته رواجي تعليم ۾ انهيءَ ڳالھ جو نقص آهي ۽ پڪ به هيم ته اهي فطر تي طاقتون جلدئي منهنجن شاگردن جون دليون ۽ دماغ بلند ڪري ڏيکارينديون.“

هاڻي مون ڏٺو ته منهنجون خواهشون ڪيئن پوريون ٿي سگهنديون. مونکي تسليٰ هئي ته منهنجو پيار ٻارن جي حالت اهڙي جلد ڦيرائي ڇڏيندو، جيئن بهار جو سج سياري ۾ ماريل نباتات کي وري نئين زندگي ڏيندو آهي. انهيءَ ۾ ڀليو ڪو نه هوس. بهار جي سج اجا جبلن جي برف کي ڳاريو ڪين، ته منهنجا ٻار سڃاڻڻ کان لنگهي ويا.“

پر مون کي اڳواٽ ئي نتيجو ٻڌائڻ نه گهرجي. جيئن مان اڪثر شام جي وقت پنهنجي گهرجي پرسان تُوه جو تڪڙو وڌڻ ويهي جا ڇيندو آهيان، تئين توهان کي منهنجن ٻوُٽن (ٻارن) جي واڌ جاچڻ ٿو گهران. منهنجا دوست! مان توهان کان اهو ڪينئون (جيت) ڪين لڪائيندس، جو بعضي پنن تي ڇهٽي پوندو آهي ۽ بعضي ته ول تي به.“

”مون پنهنجو ڪم فقط هڪ نوڪرياڻي سان بنا ڪنهن مددگار جي شروع ڪيو. مون کي رڳو تعليم ڏيڻي نه هئي، پر ٻارن جي بدني ضرورتن جي سنڀال به ڪرڻي هئي. منهنجي به اهائي مرضي هئي، ته مان اڪليو اهو ڪم ڪريان، ڇو ته ٻي حالت ۾ منهنجو مقصد پورو ڪين ٿئي ها. هن سبب ڪري جو دنيا ۾ ڪو ئي به شخص منهنجي تعليمي خيالن ۾ شريڪ ڪو نه ٿئي ها، ۽ اُن وقت اهڙو ماڻهو مون کي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

سجهندو ئي ڪو نہ هو ۽ جو منهنجا خيال سمجهڻ جو لائق هجي.“

”جن تعليم يافتہ ماڻهن کي مدد لاءِ ڪوٺيان ها، سي جيتري قدر گهٽي تعليم پرائي هئائون، اوتري قدر منهنجي خيالن سمجهڻ کان قاصر هئا، ۽ جيڪي منهنجا سادا اُصول هئا، تن تي عمل ڪرڻ تہ پنهنجي ماڳ، پر قبول بہ نٿي ڪيائون. انتظام وغيره بہ نسبت اُنهن جا خيال منهنجن خيالن کان بلڪل مخالف هئا. جنهن خيال تي سندن خاص اعتراض هو، سوهي تہ تعليم جو ڪم غير فطرتي وسيلن کان سواءِ هلائجي ۽ فقط فطرت ۽ ٻارن جي آسپاس وارين شين جي اثر سان ۽ زندگي جي روزمره جي ضرورتن پورين ڪرڻ لاءِ ٻارن جون طاقتون ڪم آڻڻ سان تعليم ڏجي. اهوئي اُصول هو، جنهن تي مون کي فتح يابي جي اميد هئي، ۽ ٻين خيالن جو بنياد بہ انهيءَ ئي اُصول تي ٻڌل هو.“

”چڱي تعليم اها آهي، جنهن ۾ ٻار جي روح ۾ تمام اڻ لکيون تبديلون روز بروز بلڪ ڪلاڪ ڪلاڪ ۾ پيبون ٿين، سي ٻار جي منهن، چپن ۽ اکين مان هڪدم سهي ڪري سگهجن. تعليم ڏيندڙ جي طاقت وانگر هئڻ گهرجي، جاگهرو حالتن رکڻ مان پيدا ٿيندي.“

”انهيءَ بنياد تي مون تعليم جي عمارت اڏي. مون پڪو ارادو ڪيو تہ سڄي ڏينهن ۾ ڪو اهڙو منٽ بہ نہ لنگهي، جنهن ۾ ٻارن کي منهنجي منهن ۽ چپن مان ائين معلوم نہ ٿئي، تہ منهنجي سڄي دل سندن آهي، ۽ اُنهن جي سعادت منهنجي سعادت آهي، ۽ هنن جون خوشيون منهنجون خوشيون آهن.“

”انسان پنهنجي فائدي لاءِ هڪدم هٿ ڊگهيڙي ٿو، ۽ ٻار خوشيءَ سان پنهنجي فائدي جي ڳالهہ ٻڌي ٿو. پر تعليم ڏيندڙؤ! ياد رکو، تہ جيڪي هو خوشيءَ سان ٻڌي يا ڪري ٿو، سو نہ توهان جي لاءِ، پر پنهنجي لاءِ. اها چڱائي جنهن ڏانهن توهين هن کي ڇڪڻ ٿا گهرو، سان توهان جي خواهش ۽ جذبن تي ٻڌل نہ هجي، پر اها چڱائي خود سچ پچ چڱائي آهي. جيڪي شيون ٻار جي سک سان لاڳاپو رکن ٿيون، انهن ۾ هو جي توهان جي حڪم جي ضرورت معلوم ڪري، تہ پوءِ اها اميدر کي سگهجي ٿي تہ هو سيڪنهن حڪم جي تابعداري ڪندو. (يعني ٻار تابعداري تڏهن سگهندو، جڏهن  هن کي معلوم ٿيندو تہ جيڪي حڪم هن کي ملن ٿا، تن جي تعميل ڪرڻ مان خود هن کي فائدو ۽ خوشي حاصل ٿا ٿين.)

”جيڪي بہ ٻار خوشيءَ سان ڪو ڪم ڪري ٿو، جنهن بہ ڪم مان هن کي جس ملي ٿو، جنهن بہ ڪم مان هن جون وڏيون وڏيون اُميدون پوريون ٿيون ٿين، جيڪي بہ هن جي طاقتن کي سجاڳ ٿو ڪري ۽ هنن کي ائين چوڻ جو لائق ٿو ڪري تہ ” مان ڪري ٿو سگهان،“ اهو سڀ هن جو اُدم يا عزم آهي ۽ هن جي اُدم يا عزم جي طاقت وڌائيندڙ آهي. پر اُدم لفظن سان ڪو نہ ٿو اُٿي. اهو فقط ڪامل تعليم



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

سان، جا دل، دماغ ۽ بدن کي سڌاري ٿي، تنهن سان حاصل ٿو ٿئي. لفظ ڪا شي پيدا ڪين ٿا ڪن، لفظ فقط بيان ٿا ڪن يا چٽي تصوير ٿا ڏيکارين انهيءَ شي جي، جا اڳيئي حواسن يا طاقتن جي وسيلي خيال ۾ آيل آهي.“

”سيني ڳالهين کان اڳي جنهن ڳالهه جو مونکي ضرور هو سو هئو ٻارن جو مون ۾ اعتبار ڄمائڻ ۽ انهن ۾ پاڻ لاءِ محبت پيدا ڪرڻ. مون کي پڪ هئي ته انهيءَ ۾ فتحياب ٿيندس ته باقي ڳالهيون ازخود اچي وينديون. دوستو! رڳو خيال ڪريو ته مان ڪهڙي حالت ۾ آيس، ۽ ماڻهن جي ۽ خود ٻارن جي مون ڏانهن ڪيتري ڌڪار ۽ دشمني هئي، ته پوءِ ڪجهه سمجهي سگهندؤ، ته ڪهڙين مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو هوم.“

”اگرچه مددگار کان سواءِ مان تمام ڏکيو هوس، مگر مددگار جو نه هئڻ منهنجي ڪم جي فتحياب ٿيڻ لاءِ چڱو هو، ڇو ته انهيءَ ڪري ٻارن لاءِ مجبورا سڀ ڪجهه مان هوس. صبح کان وٺي رات تائين فقط آءٌ ساڻن گڏ هئس. جيڪي به هنن جي بدن يا روح جي لاءِ فائدي مند آهي، سو فقط منهنجي ئي وسيلي ڪين حاصل ٿيو ٿي. سڀ ضروري مدد، همدردي ۽ تعليم هنن کي سڌيءَ طرح مون کان ٿي ملي. هنن جا هٿ منهنجي هٿن ۾ ۽ منهنجون اکيون هنن جي اکين ۾ هيون.

”اسان ڪلندا ۽ رئندا گڏ هئاسين. هنن کي سئٽنز ۽ دنيا وسري ويئي. هنن کي فقط ايتري خبر هئي، ته هو مون سان هئا ۽ مان هنن سان هوس. ڪاڌي پيتي ۾ شريڪ هئاسين. مون وٽ نڪو عيال هو، نڪي دوست، نڪي نوڪر، ڪجهه به نه سواءِ هنن جي. مان هميشه ساڻن هوس بيماري ۾ خواه تندرستي ۾، جاڳندي خواه سمهندي. مان سيني کانپوءِ سمهندو هوس ۽ سيني کان اڳي اُٿندو هوس. سمهڻ واري جاءِ ۾ هنن کي تعليم ڏيندو هوس، جيستائين هنن کي ننڊ ڪٽي ويندي هئي. هنن جا ڪپڙا ۽ بدن نهايت غليظ هئا، پر مون پاڻ ٻنهي ڳالهين جي سنڀال ڪئي، جو انهن مان مون کي بيماري جي وچڙڻ جو هميشه امڪان هو. هن طرح مون رفته رفته ٻارن جون دليون هٿ ڪيون. ڪن ٻارن جي ته مون سان ايتري محبت ٿي ويئي، جو جڏهن پنهنجي ماءُ پيءُ جي واتان منهنجي گلا ٻڌندا هئا ته اُنهن کي چوندا هئا ته اهو ڪوڙ آهي. هنن سمجهيو ٿي ته ماڻهو مون سان ناحق جي هلت ٿا هلن، تنهن ڪري اٿلندو مون سان وڌيڪ محبت ٿين.“

”جڏهن بهار موٽي آيو، تڏهن سيني کي معلوم ٿيو ته ٻار بلڪل خوش رکيا ويا هئا ۽ وڌندا پئي ويا ۽ رنگ سرخ ٿيندو پئي وين. ڪن ماجسٽريٽن ۽ پادرين هنن ٻارن کي ڏسي چيو ته هاٽي ته سڃاڻڻ ۾ ئي مس ٿا اچن. مهنا گذري ويا،تنهن کان پوءِ مس هڪڙي ٻار جي پيءُ مون کي هٿ هٿ ۾ ڏيئي شڪرگذاري ظاهر ڪئي. پر ٻارن جون دليون سنت ئي مون پاڻ ڏي مائل ڪيون هيون. هو ڪڏهن ته روئي وهندا هئا،


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

جيڪڏهن سندن پيير بنا سلام جي مون وٽ اچي وري بنا سلام جي پٺي ڏيئي هليا ويندا هئا. گهڻا ٻار مون وٽ تمام خوش هئا ۽ پنهنجي مائن کي چوندا هئا ته اسين گهر کان هت وڌيڪ خوش آهيون. جڏهن اڪيلا هوندا هئاسين، تڏهن مون کي چوندا هئا ته گهر ۾ اسان کي چڱي تعليم نه ملندي آهي ۽ ايندا آهن، ۽ ڪڏهن ته نڪو کاڌو کائڻ لاءِ ملي، نڪو بسترو سمهڻ لاءِ. تنهن هوندي به بعضي اهي سا ڳيائي ٻارڙيئي ڏينهن مائن سان گڏجي هليا ويندا هئا.“

”گهڻن ٻارن جي لاءِ پڙهڻ هڪ نئين ڳالهه هئي جڏهن هنن ڏٺو ته اسان پڙهي ٽا سگهون، تڏهن ڏاڍو شوق جاڳين، ٿورن ئي هفتن ۾ انهن ٻارن، جن ڪڏهن ڪتاب ئي ڪو نه ڪوليو هو، سي تمام گهڻي خوشي سان سڄو ڏينهن پڙهڻ ۾ لڳا پيا هوندا هئا. رڳو رات جي ماني کان پوءِ به جڏهن مان هنن کان پڇندو هوس ته ٻارو، هاڻي سمهندؤ يا پڙهندؤ، ته گهڻو ڪري، خصوصاً پهرين مهينن ۾، جواب ڏيندا هئا ته پڙهنداسين.پوين مهينن ۾ جڏهن هنن کي سويل ننڊ مان اُٿڻو پوندو هو، تڏهن گهڻو ڪري اهو جواب نه ڏيندا هئا. پر هن نئين اوائلي شوق جي ڪري مون کي چڱي نموني تي ڪم هلائڻ ۾ گهڻي مدد ملي، ۽ آخر تعليم ۾ فتحيابي حاصل ٿي، ۽ فتحيابي به اهڙي، جهڙي ڪڏهن خيال ۾ به ڪا نه هيم، تنهن هوندي به سخت مشڪلاتون درپيش هيم. پڇاڙيءَ تائين تعليم جو ڪم ڪنهن پوري انتظام تي هلائڻ محال هو.“

”منهنجو ايمان ۽ منهنجو شوق نڪي ڪن ٿورن چوڪرن جي ڪندپائيءَ ڪي لاهي سگهيا، نڪي سڄي ڪم کي هڪ انتظام هيٺ آڻي سگهيا. منهنجو خيال هو ته ظاهري انتظام جو بنياد دلين جي انتظام تي ٻڌڻ گهرجي. اهو انتظام اڃا ڪو نه هو، تنهن ڪري مون کي پهريائين اهو انتظام پيدا ڪرڻو هو، چو ته انهيءَ انتظام کان سواءِ مون کي نڪا تعليم جي پوري انتظام جي اُميد هئي، نڪا ٻئي عام انتظام رکي سگهڻ جي اُميد هئي. تنهن کان سواءِ منهنجي به مرضي نه هئي ته دلين جي انتظام کان اڳيئي ظاهري انتظام رکان. جنهن اعليٰ انتظام جو مون کي خيال هو، سو مون سمجهيو ته ٻارن جي هڪ جهڙي زندگي، هڪ جهڙو ڏيان، هڪ جهڙي ورزش ۽ هڪ جهڙين ضرورتن مان ازخود پيدا ٿيندو. جيڪڏهن مان ٻارن تي زور رکان ها، ۽ قانون ٺاهيان ها، ۽ تقريرون ڏيان ها، ته ٻارن جي دلين کي مهذب ڪرڻ ۽ دلين کي شريف ڪرڻ بدارن هنن کي پنهنجو دشمن بڻايان ها ۽ هنن جي زندگي تلز ڪري وجهان ها. تنهن ڪري جيڪا منهنجي مراد هئي، سا بلڪل پوري نه ٿئي ها. پهريائين مونکي هنن ۾ پاڪ، چڱا ۽ شريف جذبا پيدا ڪرڻا هئا، انهيءَ لاءِ ته پوءِ ظاهري ڳالهين ۾ هو خوشيءَ سان ڏيان ڏين، ڪم ڪن ۽ فرمانبردار رهن. مطلب ته مونکي حضرت عيسيٰ جي اعليٰ قول جي پيروي ڪرڻي هئي ته "پهريائين اندر صفا ڪر، ته


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ٻاهر بہ صفا ٿئي.“هن قول جي سچائي منهنجي اسڪول ۾ چڱي طرح ثابت ٿي.“

”منهنجي هڪ مراد اها هئي تہ ٻار سڀ هڪ ڪٽنب وانگر هڪ جهڙي زندگي گذارين ۽ هنن ۾ پاڻپيءَ جو رشتو پيدا ٿئي، ۽ هنن ۾ محبت، انصاف ۽ ٻين جي لاءِ رعايت پيدا ٿئي.“

اهي منهنجون مرادون حاصل ٿيون. هنن ستر جهنگلي ٻارن ۾ جلدئي اهڙا صلح، دوستي ۽ پيار جا لاڳاپا پيدا ٿيا، جهڙا سڳن ڀائرن ۽ ڀينرن ۾ بہ ورلي هوندا آهن.

جنهن اُصول تي هلڻ جي مون ڪوشش پئي ڪئي، سو هي هو: پهريائين پنهنجن ٻارن جون دليون ڪشاديون ڪري هنن ۾ رحمدلي ۽ همدردي پيدا ڪجي ۽ هنن جي روزمره جي حاجتن پورين ڪرڻ سان پيار ۽ مهربانيءَ جو اثر ايتري قدر دائما هنن جي عملي زندگي تي وجهجي، جو اهي خاصيتون هنن جي دلين ۾ محڪم ٿي وڃن. تنهن ڪان پوءِ هنن کي عقل ۽ دانائي سيکارڻ جي ڪوشش ڪجي تہ انهن سيني خاصيتن کي روزمره چڱيءَ طرح ۾ آڻڻ جا لائق ٿين. آخر انهن کي نيڪي ۽ بدي جا مسئلا ٻڌائجن ۽ لاڳو الفاظ نہ سيکارجن. اها ڳالهيون روزمره جي واقعات سان شامل ڪري سيکارجن، جن تي هن سچي تعليم جو بنياد ٻڌجي. اهڙي طرح جو ڇوڪرن کي پنهنجا ذاتي جذبا ياد اچن ۽ سچا واقعات هنن جي پيش نظر هجن، جن تي چڱن اخلاقن جي ضرورت ۽ خوبي سمجهڻ جو بنياد ٻڌن. جيڪي ٻيا ويهن لفظن ۾ سمجهائي سگهن ٿا، سو جيڪڏهن ٻن لفظن سان سمجهائڻ جي ڪوشش ۾ سچيون راتيون لڳائجن، تہ بہ ننڍ وڃائڻ جو ارمان نہ ڪجي.

مون ٻارن کي سمجهاڻيون ڪي ورلي ڏنيون. مون سڌيءَ طرح نڪي اخلاقي سبق ٿي ڏنا، نڪي مذهبي. پر بعضي جڏهن هو سڀ ماٺ ۾ هوندا هئا، تڏهن ڪين چوندو هوس تہ توهان نتا ڀانيو تہ گوڙ ڪرڻ کان هن حالت ۾ رهڻ بهتر ۽ وڌيڪ هو شمنديءَ جو ڪم آهي؟ جڏهن منهنجي ڳچيءَ ۾ چنبڙي پوندا هئا ۽ ”بابا، بابا ڪوٺيندا هئا، تڏهن ڪين چوندو هوس تہ ”منهنجا ٻارو، پنهنجي پيءَ کي دعا ڏيڻ چڱي ڳالهہ آهي؟ مون کي هن طرح چمين ڏيڻ بعد وري پرپٺ مونکي تڪليف ڏيڻ تي اوهان جي دل وري ٿي! جڏهن اسان پنهنجي ملڪ جي مصيبت زده حالت بابت ڳالهيون ڪندا هئاسون ۽ هو پنهنجي بهتر حالت ڏسي خوشي ڪندا هئا، تڏهن ڪين چوندو هوس تہ ”خدا ڪهڙو نہ ڪريم آهي، جنهن انسان کي رحم واري دل ڏني آهي!“ هنن چڱي طرح سمجهيو ٿي تہ هنن جيڪي ڪيو ٿي، سو آئيندي جي زندگيءَ لاءِ تياري هئي ۽ پڪي اُميد هين تہ سندن اورچائيءَ مان ڪين سک حاصل ٿيندو. انهيءِ اُميد جي ڪري محنت ڪرڻ هنن کي سولي ٿي لڳي، ڇو تہ اُن جو مقصد هنن جي مرادن ۽ اُميدن موافق هو. منهنجا دوست! نيڪي انهيءَ موافقت سان زور ٿي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

وني، جھڙي طرح ننڍو ٻوٽو اُتي چڱو ٿو وڌي، جتي زمين ساڻس موافق آهي ۽ اُنجي نازڪ جزن جون ضرورتون پوريون ٿي ڪري.

مون ٻارن ۾ اندروني طاقت جو وڌڻ معلوم پئي ڪيو، جا طاقت منهنجين اُميدن کان بہ وڌيڪ وڌيل ڏسڻ ۾ آئي، ۽ ڪڏهن ڪڏهن تہ اهڙي ڏسڻ ۾ آئي، جو رڳو حيران پئي ڪيائين، پر دل تي عجيب اثر پئي ڪيائين.

جڏهن پسگردائيءَ وارو آلنڊارف شهر سڙي ڀسم ٿيو، تڏهن سيني ٻارن کي ڪوٺي پنهنجي اڳيان جمع ڪيم ۽ کين چيم تہ ”آلنڊارف سڙي ويو آهي. شايد هن وقت اُتي سوڪن ٻار آهن، جن کي نڪو گهر آهي، نڪو کاڌو، نڪي ڪپڙا. توهان اسان جي نامدار سرڪار کي استدعا نہ ڪندو تہ انهن مان ويهہ اسان وٽ اچي رهن؟“ اهو جوش مون کي اڄ تائين اکين آڏو پيو ڦري، جنهن جوش سان هنن ورندي ڏني تہ ”هائو! هائو!“ مون کين چيو تہ ”منهنجا ٻارو!، پر ڀريائين ويچار تہ ڪريو ڪهڙي ڳالهہ ٿا ڳهرو. پيسا اسانجي لاءِ ئي پورا مس آهن ۽ پڪ ڪانهي تہ ڪو سرڪار انهن نون ٻارن لاءِ وڌيڪ پيسا ڏيندي. تنهنڪري توهانکي وڌيڪ محنت ڪرڻي پوندي ۽ پنهنجن ڪپڙن مان ڪجهہ حصو هنن ٻارن کي ڏيڻو پوندو ۽ بعضي تہ ڪو ويلو بنا کاڌي جي بہ گذارو ڪرڻو پوندو. تنهن ڪري ائين نہ چئو تہ اسان هنن ٻارن جي هت اچڻ ۾ خوش آهيون، جيستائين هنن تڪليفن سهڻ لاءِ تيار نہ آهيو. جڏهن زور سان ائين چئي بس ڪيم، تڏهن اها ساڳي ڳالهہ ڪائن چوارايم، انهيءَ لاءِ تہ پڪ ٿئي تہ سمجهي اٿن. پر جيڪو جواب ڏنو هئائون، تنهن کان ذرو بہ نہ هٽيا ۽ سيني گڏجي چيو تہ "هائو! هائو! اسان وڌيڪ ڪم ڪرڻ، گهٽ کائڻ، ۽ ڪپڙا ڏيڻ لاءِ تيار آهيون، جو تہ اسان جي مرضي آهي تہ هو هت اچن.“

جن ماڻهن کي وطن ڇڏڻو پيو، تن منجهون ڪن ماڻهن ڪجهہ پيسا منهنجن ٻارن لاءِ بخشش طور ڏنا. مون هڪدم ٻارن کي سڏي چيو تہ ”هي ماڻهو لاچار پنهنجو وطن ڇڏي لڏي ٿا وڃن ۽ اها بہ خبرڪانهين تہ ڪٿي سياٽي هنن کي گهر ملي سگهندو. اهڙي مصيبت جي وقت ۾ بہ هي پيسا توهان جي لاءِ ڏنا اٿن، تہ اچو، هنن جو احسان مڃون. جيڪا احسان مندي ٻارن جي چهري ۽ زبان ظاهر ڪئي، تنهن هنن لڏيندڙن جي اکين ۾ آب جاري ڪري ڇڏيو.

هن نموني سان مون ٻارن ۾ شريف جذبا پيدا پئي ڪيا ۽ انهن جذبن جو بيان پوءِ پئي ڪيم، جو تہ مون ڀانيو ٿي تہ ٻارن کي اهڙيون ڳالهيون چورائڻ، جيڪي هنن جي مغز ۾ نہ وينيون آهن، ناداني آهي.

اهڙن جذبن پيدا ڪرڻ بعد ٻارن کي اهڙا ڪم ڪرايم، جن مان تحمل يعني پاڻ کي وس ۾ رکڻ جو گڻ سکن، انهيءَ لاءِ تہ جيڪي ڪٽڻ حاصل هئن، سي روزمره جي زندگي ۾ ڪم آٽين.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

هن مان ڏسڻ ۾ ايندو ته اهڙيءَ حالت ۾ ضابطي جو انتظام رکڻ محال هو. ظابطو رفته رفته عام سڌاري ٿيڻ سان ازخود ٺهندو پئي ويو.

هن قسم جي اسڪول ۾ تعليم ڏيڻ ۾ ماٺ وڏي مدد ٿي ڏئي. مونکي تعليم ڏيڻ ۾ هن ڳالهه ڪري گهڻي سولائي ٿيندي هئي، جو هميشه ماٺ ڪرائڻ تي گهڻو زور رکندو هوس، ۽ ٻارن جي چهرن جاچڻ تي خاص ڌيان ڏيندو هوس، انهيءَ لاءِ ته معلوم ٿئي ته ڌيان ڏين ٿا يا نه، سمجهن ٿا يا نه. مان ايتري قدر فتحياب ٿيس جو اجا ڪٽي چوندو هوس ته ”ماٺ“ ته هڪدم چپ ٿي ويندي هئي ۽ انهيءَ حالت ۾ آهسته ڳالهائڻ سان تعليم ڏيئي سگهندو هوس. ٻار منهنجا الفاظ گڏجي چوندا هئا، ۽ جنهن صورت ۾ ٻيو ڪو آواز ڪو نه هوندو هو، تنهن صورت ۾ اُچار جي ٿورڙي چڪ به پڪڙي وٺندو هوس. هرويرو هميشه ماٺ ڪرائڻ ۾ فتح ياب ڪو نه ٿيندو هوس، تنهن ڪري بعضي چا ڪندو هوس، جو جڏهن هنن ڪي منهنجي پٺيان جملو چوڻو پوندو هو، تڏهن چوندو هوسانِ (گويا مسخريءَ طرح) ته پنهنجيءَ وچينءَ اگر ۾ نظر ڪريو. توهان ڪي اعتبار ئي نه ايندو ته اهڙين خسيس ڳالهين مان بعضي وڏا نتيجا ٿا نڪرن.

مثلا هڪڙي چوکر هئي، جا جهنگلي ماڻهوءَ کان ڪو ٿورو بهتر هئي. هن مٿو ۽ بدن سڌو رکڻ سان ۽ هيڏي هوڏي نه نهارڻ سان جيڪا اخلاقي ترقي ڪئي، سا توهان ڪي اعتبار ۾ ئي نه ايندي.

انهن آزمودن مان معلوم ٿيم ته فقط پاڻ ڪي سڌي رکڻ جي عادت دل تي ايترو اثر پيدا ٿي ڪري، جيترو رڳو لفظي تعليم ۽ تقرير مان ڪڏهن ٿيڻو نه آهي.

پنهنجن اُصولن جي ڪم اڻڻ ڪري منهنجا ٻار جلدئي خوش دل ٿي پيا ۽ سڀ ڪنهن شريف جذبي پرائڻ جا لائق ٿيا، اگرچه جڏهن مون وٽ آيا هئا، تڏهن هوش ۽ اخلاقي اُصولن کان بلڪل خالي هئا. هنن ڪي اڳ جي تعليم ڪا نه مليل هئي، تنهن جي ڪري ڪا مون ڪي تڪليف ڪا نه ٿي. بلڪ مان چئي سگهان ٿو ته منهنجو سادو تعليم جو رستو انهن ٻارن تي چڱو اثر ڪري سگهيو، جن اجا ڪجهه ڪين سکيو هو. مگر جن اڳيئي غلط خيال حاصل ڪيا هئا، تن مونکي گهڻي تڪليف ڏني. اخلاقي اثر به انهن تي سولو پئجي سگهيو، جن اڳي تعليم ڪا نه ورتي هئي.

پر جڏهن ڪو ٻار ضدي ٿيندو هو ته مان به سخت ٿيندو هوس ۽ بدني سزا ڏيندو هوس. منهنجا دوست، اهو تعليمي اُصول ته بنا سزا جي فقط لفظن جي وسيلي ٻارن جون دليون هٿ ڪجن، سو بيشڪ چڱو آهي ۽ چڱين حالتن ۾ ڪم آڻي ٿو سگهجي. پر منهنجا گهڻا ٻار مختلف قسمن جا هئا، وحشي هئا ۽ منجهن خراب عادتون ڄمي ويون هيون. اهڙيءَ حالت ۾ بعضي مار ڏيڻ جو ضرور هو، خصوصا انهيءَ ڪري جو مون ڪي شوق هو ته جلدئي ٻارن ڪي سڌيءَ راه تي آڻيان. مون لاچار



سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڪان ٿي بدني سزا ڏني، پر ائين سمجهڻ بلڪل غلط آهي تہ ڪو ائين ڪرڻ سان ٻارن جو اعتبار مون مان هليو ويو، يا مون سان محبت گهٽ ٿين. چو تہ چوڪرن جي خيالن تي اتفاقي حادثن جو اثر نٿو رهي. هنن تي اهي ڪم اثر ٿا ڪن، جيڪي گهڙي گهڙي هر روز ڏسن. هنن منهنجو پيار هر گهڙيءَ پئي ڏٺو. اهو ئي سبب آهي جو ماءُ پيءُ جي مار بہ ٻارن تي خراب اثر ڪو نہ ٿي پيدا ڪري. پر رواجي ماسترن سان اها حالت لاڳو نہ آهي، چو تہ هو ٻارن سان رات ڏاينهن گڏ ڪو نہ ٿا رهن، تنهنڪري اهي پيار جا لاڳاپا ڪين ٿا پيدا ٿين.

منهنجي مار ڪڏهن ضد پيدا ڪو نہ ڪيو. جن ٻارن کي مون ماريو ٿي، تن کي گهڙي کن ڪان پوءِ جڏهن هٿ تي ڏنم ۽ چميون ٿي ڏنم، تڏهن هنن جي اکين مان چڱيءَ طرح ڏسي ٿي سگهيس تہ منهنجي ڏکن جو آخري نتيجو سچ بہ خوشي هئي. منهنجي هن قسم جي مار جيڪو اثر بعضي ڏيکاريندي هئي، تنهنجو هڪڙو مثال ٿو توهان کي ٻڌايان. هڪڙي ڏينهن هڪڙي ٻار، جنهن کي مان سيني ڪان وڏيڪ ڀانئيندو هوس، تنهن انهيءَ پيار جي پروسي تي هڪڙي سگنتيءَ کي ناحق دڙڪا ڏنا. مونکي سخت ڪاوڙ لڳي ۽ مار ڏني مانس. هو پهريائين ايتري قدر دل شڪستو ٿيو، جو گهٽ ۾ گهٽ پاءُ ڪلاڪ سخت رنائين. جڏهن مان ٻاهر ويس، تڏهن هو اُٿيو ۽ انهيءَ سگنتيءَ وٽ وڃي معافي گهريائين، ۽ هن جا مٿس دانهن ڏئي هئي، تنهن لاءِ شڪر گذاري ڪيائين. اي منهنجا دوست! هي چريو نہ آهي. هن چوڪري اهڙو حال اڳي ڪڏهن ڪو نہ ڏٺو هو.

اها ڳالهہ ٺيٺي ئي نہ هئي، جو منهنجي اها هلت ٻارن تي خراب اثر پيدا ڪري، چو تہ سڄو ڏينهن هو منهنجي پيار ۽ سنڀال جون ثابتيون پيا ڏسندا هئا. منهنجي دل هنن چٽي پئي ڏٺي، تنهن ڪري منهنجيءَ هلت تي اُلٽيون معنائون ڪين ٿي لڳائي سگهيا. مگر هنن جا مائٽ، دوست، غير ماڻهو ۽ ٻيا ماستر، جي اسڪول ۾ ايندا هئا، سي ائين نہ هئا، ۽ منهنجي هلت تي اُلٽا اعتراض وٺندا هئا. مگر مون کي سڄيءَ دنيا جي غلط خيالن جي پرواهہ ڪا نہ هئي.

انهيءَ ڪري مان بلڪل گهٽي ڪوشش ڪندو هوس تہ ٻار منهنجي عملن جو سچو مقصد ۽ منهنجي سچي نيت پروڙين. منهنجا دوست، هن ڳالهہ مان انهن اخلاقي اُپائن جي ويچار تي ٿو اچان، جي سچي گهرو تعليم ۾ ڪم آڻجن.

اوائلي ۽ سادي اخلاقي تعليم جا ٽي پاڳا آهن: پهريائين ٻارن جي جذبن کي ڪم آڻڻ ۽ صاف ڪرڻ سان اخلاقي روح پيدا ڪرڻ گهرجي. پوءِ هنن کي اهڙي تربيت ڏجي، جو پاڻ کي وس ۾ رکڻ جو استعمال ڪن، انهيءِ لاءِ تہ حق ۽ نيڪيءَ جي ڪمن ڪرڻ جا لائق ٿين. تنهن ڪان پوءِ آخر ۾ هنن کي اهڙيءَ طرح تعليم ڏجي، جو ازخود غور ۽ ڀيٽ ڪرڻ سان اُهي اخلاقي حق ۽ فرض پوريءَ طرح سمجهن، جي سندن


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ پاڳي پائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

حالت سان لاڳو هجن.

هيستائين مون پهرين ٻن مقصد حاصل ڪرڻ جا اُپاءَ بيان ڪيا آهن. ٽئين مقصد حاصل ڪرڻ جا اُپاءِ به اهڙائي سادا ڪم آندم، ڇو ته انهيءَ لاءِ به مون رواجي ۽ روزمره جا اثر ۽ واقعا ڪم آٽي حق ۽ فرض سمجهايا. مثلاً جڏهن گوڙ ٿي ڪيائون، تڏهن هنن جي عقل کان ڪم ٿي ورتم ۽ پڇيم ٿي ته اهڙي حالت ۾ سکڻ ۽ سيکارڻ ممڪن آهي؟ مون ڪي ڪڏهن ڪين وسرندو ته سندن انصاف پسندي ۽ عقل ڪيتري قدر مضبوط ٿي ويا.

جيڪي اسان جي اسڪول جا ڪم هئا، تن بابت مان سندن راءِ پڇندو هوس. گهڻو ڪري شام جي مانيٽي وقت ۾ سندن عقل کان ڪم وٺندو هوس. مثلا جڏهن ڳوٺ ۾ اها ڇوپچو پئي هلي ته ٻارن کي کاڌو چڱو نٿو ملي، تڏهن مون هنن کي چيو ته: ”منهنجا ٻارو! مون کي ٻڌايو ته گهر کان وڌيڪ سٺو کاڌو ٿو مليو يا نه ۽ چڱي طرح اوهان پاڻئي ويچار ڪري ٻڌايو ته توهان کي اهڙن عمدن طعامن تي هيرائڻ چڱو آهي، جو وڏي هوندي سخت محنت ڪرڻ سان به اهڙن طعامن کائڻ لاءِ پيسا نه ڪمائي سگهو؟ جيڪي توهان جي واسطي سچ پچ ضروري آهي، سو توهان کي ملي پيو يا نه؟ توهان ڀانيو ٿا ته انهيءَ کان وڌيڪ توهان کي ڏيڻ عقل ۽ انصاف جو حڪم ٿيندو؟ ڇا توهان جي مرضي آهي ته جيڪي هاڻي اسي ٻارن تي خرچيون ٿا، سو فقط ٽيهن يا چاليهن ٻارن تي خرچ ڪريون؟ اهوو به ڪو انصاف آهي؟“

اهڙي طرح جڏهن ٻڌم ته ڳوٺ ۾ پچار پئي هلي ته مان ٻارن کي سخت مارون ٿو ڪيان، تڏهن مون ڪين چيو ته ”منهنجا ٻارو، توهان کي معلوم آهي ته مان توهان کي ڪيترو ڀانيان ٿو. پر مون کي ٻڌايو ته توهان جي مرضي آهي ته مان سزا ڏيان؟ توهان ڀانيو ٿا ته ڪنهن ٻيءَ طرح سان ڪن ٻارن جون جهونيون خراب عادتون ڪڍي سگهندس يا سيني کي مات ڪرائي سگهندس؟“ منهنجا دوست! اُن مهل مون پاڻ اُتي ڏٺو هو ته ڪيئن سيني ٻارن سچي جذبي سان جواب ڏنو ته ”اسان سزا جي شڪايت ڪا نه ٿا ڪريون. اسان جي مرضي آهي ته مار کائڻ جا لائق نه هجون، پر اسان جي بيشڪ خواهش آهي ته جڏهن ڪو ڏوهه ڪريون، تڏهن ڀلي سزا ڏيو.“

گهٽيون ڳالهيون آهن، جي گهر ۾ سهي سگهجن ٿيون، مگر جتي هيترا گهڻا ٻار هئا، اُتي سهڻ جهڙيون نه آهن. مون ڪوشش ڪئي ته ٻار اها حقيقت پروڙين ۽ پاڻ ئي فيصلوڪن ته ڪهڙيون ڳالهين جي اجازت ڏيئي سگهجي ٿي ۽ ڪهڙين جي نٿي ڏيئي سگهجي. سچ آهي ته مون گفتگو ۾ ڪڏهن هنن سان آزاديءَ ۽ مساوات بابت ڳالهيون ڪو نه ڪيون. مگر مون هنن کي پنهنجي حاضريءَ ۾ آزادي ۽ بنا ڊپ ڳالهائڻ ٻولهائڻ لاءِ همتايو. نتيجو اهو ٿيو جو روز بروز مون هنن جي اکين ۾ وڌيڪ ۽ وڌيڪ ڪشادگي پئي ڏٺي. منهنجي آزمودي موجب اها حالت سچيءَ آزاد تعليم


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

جي نشاني آهي. مون کي اها ڳالھ بلڪل نٿي وڻي ته جيڪو هنن جومون ۾ ويساھ ٿي ويو هو ۽ جو هنن جي اکين ۾ پئي بکيو، سو ٻيهي ڇڏيان. مون هميشہ ڪوشش پئي ڪئي ته اهو سندن ويساھ به وڌيڪ ۽ وڌيڪ مضبوط ٿئي ۽ وڌيڪ آزاد طبع به ٿين ، جيئن هنن جي ملائڪي اکين ۾ ڪا ملو لائي ڏسڻ ۾ نہ اچي، جن اکين کي ڏسي مون کي ازحد گهڻي خوشي حاصل ٿيندي هئي. مان منهن جو گهنڊ ۽ ملو لائي نہ سهي سگهندو هوس. مان پاڻ هنن جو ملو لائي لاهيندو هوس ۽ پوءِ هو مرڪندا هئا، ۽ پاڻ به اها ڪوشش ڪندا هئا ته سدائين مرڪندڙ چهري سان گذارين.

ايترن گهڻن ٻارن هئڻ ڪري مون کي هر روز اهڙا وجھ ملندا هئا، جن جي مدد سان نيڪي ۽ بدي، عدل ۽ بي انصافيءَ جو تفاوت سمجهائيندو هوس. هيترن ٻارن ۾ نيڪي ۽ بدي هڪ جهڙا وچڙندڙ پکڙندڙ آهن. تنهنڪري جيڪڏهن نيڪي بدي تي غالب پوندي تہ تمام چڱو نتيجو پيدا ٿيندو، ۽ جيڪڏهن بدي نيڪي تي غالب پوندي تہ سڄو اسڪول تمام خراب ٿي پوندو. مان ڪلي طرح هيءَ ڳالھ ٻارن کي سمجهائيندو هوس. هڪڙي ڀيري ٻارن جي وچ ۾ هڪ جهڳڙو ٿيو. اُن وقت جيڪي مون ڪين چيو، تنهن ايترو اثر پيدا ڪيو، جو مون ڪڏهن ڪين وسرندو. مون چيو تہ ”منهنجا ٻارو، اسان سان به اُها حالت آهي، جيڪا گهڻن ٻارن واري گهر ۾ ٿيندي آهي. جڏهن هر هڪ ٻار پنهنجي منهن خراب عادتن تي زور ٿو رکي، تڏهن ايڏو فساد ٿي ٿو وڃي، جو تمام نرم دل ماءُ کي بہ لاچار زور سان فساد بند ڪرڻو ٿو پوي ۽ ٻارن کي حق ۽ انصاف ڏي نوڙائڻو ٿو پوي. مون کي بہ هاڻي ائين ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن توهان مونکي خوشيءَ سان انتظام رکڻ ۾ مدد نہ ڪندو تہ اسان جو اسڪول هلي ڪين سگهندو ۽ توهان وري بہ ساڳي حالت ۾ وڃي پوندو ۽ توهان جون مصيبتون اڳي کان بہ وڌيڪ ڳوريون لڳنديون، ڇو تہ توهين هاڻي چڱي گهر، صاف ڪپڙن ۽ وقتي کاڌي تي هري مري ويا آهيو. منهنجا ٻارو، هن دنيا ۾ احتياج ۽ عقل ئي انسان کي چڱي طرح هلڻ سيکارين ٿا. جي اهي ٻئي ناڪامياب ٿا ٿين تہ پوءِ هو انسان ڏکار جوڳو آهي. ٿورو خيال تہ ڪريو تہ جيڪڏهن توهان کي سڀ ڪجھ بہ ملي ۽ پوءِ بہ حق انصاف ۽ نيڪيءَ جي پرواھ نہ ڪريو تہ توهان جي ڪهڙي حالت ٿيندي؟ گهر ۾ توهان جي ڪنهن نہ ڪنهن سنڀال پئي ڪيو، پر عقل ۽ اعتقاد جي وسيلي توهان وڏيڪ شريف درجي کي رسي ٿا سگهو.

مان اڪثر اهڙين ڳالهين ۾ چٽڪي پوندو هوس ۽ اها پرواھ نہ ڪندو هوس تہ ٻارن کي هر هڪ لفظ سمجهڻ ۾ ايندو يا نہ، ڇو تہ پڪ هيم تہ جيڪي چيم پئي، تنهنجو مطلب هنن سمجهيو پئي.

وري ڪي ٻيا خيال بہ هتي بيان ٿو ڪريان، جن ٻارن تي تمام گهڻو اثر پيدا ڪيو. مسڪينن کي چڱي صلاح ڏيڻ ۽ مصيبت ۾ ڦاٿلن کي دلداري ڏيڻ کان وڌيڪ


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

چڱو وڏيک شريف ڪو ڪم سمجهيو؟ پر جيڪڏهن جاهل ۽ نالائق رهندو ته توڙي نيڪدل هوندو، ته به ڪجهه ڪري نه سگهندو. پر جيڪڏهن علم پرائيندو ۽ لائق ٿيندو ته چڱي صلاح به ڏيئي سگهندو ۽ ڪيترن ئي ماڻهن کي مصيبت کان آزاد به ڪرائي سگهندو.

مون اڪثر ڏٺو آهي ته عقل ۽ چال جي پڪائي لاءِ شريف ۽ اعليٰ ۽ عظيم خيال نهايت ضروري آهن.

اهڙي قسم جي تعليم سڀ ڪنهن طرح ڪامل هئڻ گهرجي، يعني ٻارن جي مختلف لياقتن ۽ مختلف حالتن موافق هجي. تنهن ڪان سواءِ اها تعليم من ۽ دماغ جي سائنس موجب ڏيڻ گهرجي، يعني سادگي، پيار، سر جوشي ۽ صبر سان ڏيڻ گهرجي. پوءِ فطر تامن اهڙو نازڪ ۽ روشن ٿيو پوي، جو سڀ ڪنهن سچ ۽ نيڪي جو هڪدم منجهس فوٽو ٿهيو پوي.

مان پانيان ٿو ته ٻار جي خيال جو پهريون واڌارو لفظي تعليم جي ڪري خراب ٿيو پوي، چو ته لفظي تعليم هن جي طاقتن ۽ حالتن جي موافق نه آهي. منهنجي آزمودي موجب فتحيابي انهيءَ تي منحصر آهي ته جيڪي ٻارن کي سيڪار جي ٿو، سو ٻارن جي ذاتي تجربي سان موافق ٿي هنن کي هڪدم سچو ڏسڻ ۾ اچي.

مون کي ڪو به تعليمي سلسلو يا رستو يا هنر معلوم ڪو نه هو سواءِ انهيءَ جي جو ازخود منهنجي پيار ۾ ٻارن جي ويساه هئڻ سبب پيدا پئي ٿيو. نڪي وري مون ٻئي ڪنهن رستي جي پرواهه تي ڪئي. اهڙي طرح ٻارن جي تعليم کي مون پنهنجي اعليٰ مقصد ڪان گهٽ درجي تي رکيو. اهو اعليٰ مقصد هي هو: ”هنن جي ۽ منهنجي وچ ۾ گهرو لاڳاپن جي وسيلي هنن ۾ نيڪ خيال پيدا ڪرڻ ۽ مضبوط ڪرڻ.“

مون لفظن جي اپياس تي گهٽو ڪري ٿورو زور ڏنو. جڏهن انهن لفظن ۾ لڪل خيالن جي سمجهاڻي ڏبي هئي، تڏهن به لفظن کي مکيه ڳالهه ڪري ڪين ڄاڻندو هوس.

ٻارن جي ڪم ۾ مونکي ترت فائدي وٺڻ جو ايترو خيال نه هو، جيترو بدني ترتيب ڏيڻ جو، جا ترتيب هنن جي طاقت وڌائڻ ۽ دستڪاري ۾ هوشيار ڪرڻ سان هننجي آئيندي زندگي ۾ ڪشادي گذران جو وسيلو ٿئي. اهڙي طرح منهنجو خيال هو ته ٻارن جي تعليم جو محور فقط سندن قدرتي قوتن جو استعمال ٿيڻ گهرجي. ۽ مون انهيءَ ڳالهه کي ضروري سمجهيو ته پهريائين هنن جي ڌيان، شين جي جانچي ڏسڻ ۽ يادگيريءَ جي قوتن کي استعمال ڏيئي زور وٺائجي. تنهن ڪان پوءِ عقل ۽ سببن مان نتيجن ڪڍڻ جي قوت ڪان ڪم وٺجي. رواجي تعليم جي ڪري اهڙا ماڻهو پيدا ٿا ٿين، جي رڳو ڳالهائي ڄاڻندا آهن ۽ سڀ ڪنهن ڏکئي سوال ۾ ٽپي پوندا آهن، مگر اونهو وچي ڪين سگهندا آهن. انهن جي جاهليت سڀ ڪان وڏيڪ انساني ترقي ۽


www.sindhsalamat.com



Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

سعادت کي صدمو پهچائي ٿي.

انهن اُصولن تي عمل ڪري مون پهريائين لکڻ پڙهڻ ۽ هجي تي ايترو ڌيان ڪو نہ ڏنو، جيترو هنن جي قوتن کي استعمال ۾ آڻڻ تي ڏنم، انهيءَ لاءِ تہ هنن جي سمجهہ سڀ ڪنهن طرح ايترو وڌي جيترو ممڪن هجي.

شين جي سبقن ۾ جيڪي سکندا هئا، تنهن بابت پاڻ ۾ پوئن ۽ جانورن ڪي جانچي ڏسڻ سان بلڪل تيزيءَ سان تحقيق ڪندا هئا. مون کي پڪ آهي تہ اهڙي طرح هليو هلان ها، تہ انهيءَ ڪم ۾ هنن کي ايتري عام واقفيت حاصل ٿئي ها،جا سڀ ڪنهن ڏنڏي ۾ هنن لاءِ ڪمائتي ٿئي ها، ۽ نہ رڳو ايترو، پر امتحان بہ پاڻ ئي ڏيئي سگهن ها، ۽ اهو سڀ ڪجهہ ٻاهر نڪرڻ کان سواءِ محدود حالتن ۾ ڪري سگهان ها. مان انهيءَ ڳالهہ کي تمام ضروري ٿو سمجهان تہ ماڻهن کي همتائجي تہ پاڻ کي پاڻ تعليم ڏين ۽ آزاديءَ سان پنهنجون طاقتون وڌائين. فقط انهيءَ وسيلي سان سڀ ڪنهن فرد جون خاص قوتون ۽ لياقتون پيدا ۽ ظاهر ٿينديون. مان ٻارن کي کهڙي بہ خسيس ڳالهہ سيکاريندو هوس تہ انهيءَ ۾ هنن کي ڪماليت وٺائيندو هوس ۽ وري پنتي هٽڻ نہ ڏيندو هوس. مثلا جو لفظ سکندا هئا، سو وري وسارڻ نہ ڏيندو هوس، ۽ جيڪو اکر هيڪر چڱو لکندا هئا، سو وري گهٽ ٿيڻ نہ ڏيندو هوس. جيڪي ٻار گهٽ هئا يا ڍرا هئا، تن لاءِ مون کي تحمل گهڻو هو، پر انهن ٻارن لاءِ تمام سخت هوس. جن ڪو ڪم چڱي طرح ڪري پوءِ وري گهٽ ڪيو. ڇوڪرن جي گهڻي تعداد ۽ ننڍوڏائي جي ڪري منهنجو ڪم آسان ٿي پيو. جهڙيءَ طرح ڪٽنب ۾ سيني کان وڏو ۽ هوشيار ٻار پنهنجن ننڍن ڀائرن ۽ ڀينرن کي خوشيءَ سان پنهنجو علم ڏيکاريندو آهي ۽ اُن ۾ فخر وٺندو آهي، تهڙيءَ طرح منهنجي ٻارن کي بہ ڏاڍي خوشي ٿيندي هئي، جڏهن ڪا ڳالهہ سکي ٻين کي سيکارڻ جا لائق ٿيندا هئا. هنن ۾ شرف حاصل ڪرڻ جو خيال جاڳيو ۽ ٻين کي سيکارڻ سان هنن کي ٻيٽي هوشياري حاصل پئي ٿي. اهڙي طرح سان مون لاءِ ٻارن منجهان ئي مددگار پيدا ٿي پيا. جڏهن ڏکين لفظن جي هجي سيکاريندو هوس، تڏهن ڪو ٻار ڪو لفظ چڱيءَ طرح سکي ويندو هو، تہ هن کي ٻين جي سيکارڻ جي اجازت ڏيندو هوس. هي مددگار جي مون شروعات ۾ ئي ناهيا ۽ جن منهنجو نوع درجي بدر جي هٿ تي ڪيو، سي يقينا مون لاءِ اهڙا ڪمائتا ٿيا، جهڙا رواجي ماستر هرگز ڪين ٿين ها.

مان پاڻ بہ ٻارن سان گڏ سکيس پئي. اسان جو سڄو سرشتو اهڙو سادو ۽ فطرتي هو، جو مونکي اهڙو ماستر ملڻ ئي مشڪل هو، جو مون وانگي سکڻ ۽ سيکارڻ کي حقارت سان نہ ڏسي. اهي هيون منهنجون اُميدون، مگر جنهن وقت اُميدون پوريون ٿيڻ تي هيون، تنهن وقت ئي مونکي سٽئنز ڇڏڻو پيو.“

دليرانہ ڪوشش فقط وقتي اثر نٿيون رکن. بائرن نالي شاعر چيو آهي تہ سچو


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

خيال صديون ٿو هلي، ۽ ائين ڪڏهن ورلي ٿو ٿئي، جو ڪنهن انساني نيڪ عمل جو شرف رڳو انهي وقت تي منحصر رهيو هجي، جيترو وقت هو هلي ٿو. پيستالازيءَ جو سٽئنز وارو پنجن مهينن جو تجربو تعليم جي تاريخ ۾ هڪ عاليشان واقعو آهي. هاڻي هن کي سورهن آنا پڪ ٿي ته ٻارن کي تعليم ڏيڻ جو سچو رستو لڌو، جنهن سان انسان کي پستيءَ مان ڪڍي بلنديءَ ڏانهن آڻي سگهجي، ۽ وري هن کي جو ذات انسان سان نهايت همدردي ۽ محبت هئي، سو اُن رستي تي عمل ڪرڻ ڏاران رهي نٿي سگهيو. پر ڪري سو ڪري ڇا؟ هن جا تعليمي خيال اُن وقت جي تعليمي اُستادن کان بلڪل نرالا هئا. هن جو ڳالهائڻ گگهو ۽ مس سمجهڻ جهڙو هوندو هو، اکر خراب هئس، ڊرائنگ کا نه ايندي هيس ۽ گرامر کي ڏڪاريندو هو. علم حيوانات ۽ نباتات جون ڪيتريون ئي شاخون سکيو هو، مگر انهن کي ياڳن ۾ ورهائڻ ۽ انهن جي مناسب نالن سانڊڻ تي ڌيان ڪو نه ڏنو هئائين. رواجي ليکو چوکو ايندو هوس، مگر ڊگهي ضرب وند مشڪل لڳندي هيس. جاميٽريءَ جي سڌيان ڪرڻ جي ته شايد ڪڏهن ڪوشش ئي ڪانه ڪئي هئائين: ڪيترائي ورهيه ته ڪتابن کي هٿ به ڪو نه لاتو هئائين. پر اهو رواجي علم، جو عام ماڻهو هڪ يا ٻن ورهين ۾ سکي سگهن ٿا، تنهنجي بدارن پيستالازيءَ کي اهو علم هو، جنهن جي گهڻن ماسترن کي بلڪل سڌ ڪا نه هئي. انسان جي دل ۽ دماغ ۽ انهن کي زور وٺائڻ جي قانونن، انساني جذبن ۽ انهن کي جاڳائڻ ۽ شريف ڪرڻ جي هنر ۽ انساني فطرت کي سمجهڻ جي طاقت هن کي خدائي ذات طور مليل هئي، ۽ اُن فطرت تي غور ڪرڻ کان هو ڪڏهن ڪين ٿڪبو هو. هن شخص کي اسڪول ماستر ٿيڻ جي خواهش هئي. پر ڪو اسڪول هن جي حوالي ڪرڻ تي ڪنهن کي همت ٿئي؟ ڪنهن جي به مرضي ڪا نه هئي، تنهن ڪري پيستالازيءَ کي مات ڪري وهٽو پوي ها. پر برن جي پرواري شهر برگڊارف ۾ هن کي ڪي زور وارا دوست هئا. انهن هن کي ٻارن پڙهائڻ جي اجازت وٺي ڏني، نه وڏن ماڻهن جا ٻار پر گهٽ درجي وارن جا، جن مان ٿيهتر ٻار هڪڙي موچي جي گهر ۾ اچي جمع ٿيندا هئا. پر موچيءَ ۽ ٻارن جي ماءُ پيءُ کي هيءَ ڳالهه نه وڻي. هنن چيو ته جيڪڏهن وڏي درجي وارن ماڻهو کي اهو نئون تعليمي رستو پسند آهي ته پنهنجي ٻارن تي آزمائين. اهو هنن جو دليل هو به واجبي. هنن جي رنجش جي خبر پئجي ويئي، تنهنڪري اها اجازت رد ڪئي ويئي. مگر اها روڪ ٿورو وقت هلي. هن جا دوست موچيءَ کان وڌيڪ عاقل هئا. تنهن هن کي وڏن ماڻهن جي ٻارن جي اسڪول ۾ ٻاراٽي ڪلاس ۾ جاءِ وٺائي ڏني. انهي ڪلاس ۾ ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون گڏجي سي پنجويهه ٻار هئا، جن جي عمر پنجن کان وٺي اٺن ورهين تائين هئي. هتي هن ثابت ڪري ڏيکاريو ته هو فقط خيالي ماڻهو نه هو. ٻارن کي پنهنجي نموني اٺ مهينا پاڙهڻ بعد سرڪاري طرح هن جي تعليمي رستي جون خرابيون مڃڻ ۾ آيون.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

نتيجو اهو ٿيو جو جون 1800 ۾ پيسٽالازيءَ کي برگدارف جي ٻئي اسڪول جي ماستري ملي، جنهن ۾ سٺر ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون هيون، جن جي عمر ڏهن ۽ سورهن ورهين جي وچ ۾ هئي. اُتي پيسٽالازي اهڙو ڪامياب نہ ٿيو.

پيسٽالازي هاٽي دل وجان سان پنهنجي نئين تعليمي رستي ٺاهڻ کي لڳي ويو. هيستائين جيڪي شاندار ڪاميابيون حاصل ڪيون هئائين، سي دل جي وسيلي، پر اسڪول کي ٻئي طاقتون دل خواه دماغ جون نروار ڪرڻيون آهن. پيسٽالازيءَ جي تعليم انهيءَ تي ڏني تي ويئي، جيڪي ٻارن پاڻ پئي ڏٺو. هن انهن ڳالهين تي گهڻو ڌيان تي ڏنو، جن جو تعلق ٻارن جي حواسن سان هو. هن کي انهيءَ ڳالهہ تي غور ڪرڻ سان معلوم ٿيو تہ ٻار جي تعليم ڄمڻ کان ئي وٺي شروع ٿي ٿئي. ڄمڻ کان ئي ٻار پنهنجا حواس ڪم آڻي ٿو ۽ فطرت هن کي تعليم ڏئي ٿي. انسان جو فرض آهي تہ ٻار کي درجي بہ درجي سندس عمر ۽ لياقت جي قدر تي هن جي حواسن تي اثر وهاري ۽ هن جون طاقتون ڪم آڻي. اسڪولي ڪتاب ۽ درجن جي ڪاپي بہ انهيءَ ئي اُصول تي ٺاهڻ گهرجن.

تعليم بابت گفتگو ڪندي پيسٽالازيءَ هڪڙي پيري چيو تہ مان تعليم منَ جي سائنس جي قاعدن موجب ڏيڻ ٿو گهران. اُهي دائمي قاعدا، جن موجب ٻار ترقي ٿو ڪري. پر اُهي قاعدا اُن وقت تائين اجا ڪنهن ڪين ڳولي ڪڍيا هئا ۽ هاٽي بہ بلڪل چڱيءَ طرح معلوم ڪين ٿيا آهن. پيسٽالازيءَ اُنهن قاعدن کي ڳولي ڪڍڻ ۽ اُنهن تي عمل ڪرڻ جي بلڪل گهڻي ڪوشش ڪئي. خوشي قسمتيءَ کان کي جوان هن جي ڪشش ۾ آيا ۽ هنن ڪيس گهڻي مدد ڪئي.

هن وقت پيسٽالازيءَ هڪڙي تعليمي انجمن واسطي پنهنجي تعليمي رستي جو بيان لکيو. اُن ۾ پهريان لفظ هي هئا تہ ”مان من جي سائنس جي قانونن موجب تعليم ڏيڻ ٿو گهران.“ هن بيان ۾ عام تعليم جا مکيہ ڪم هي ٻڌايا اٿس: ٻولي، ڊرائنگ لکڻ ۽ حساب. مسڪينن جي تعليم ۾ خاص طرح ٻن ڳالهين کي ضروري ڄاڻايائين: 1. ڳائڻ 2. قدرت جو حس ڏسي خُوشي حاصل ڪرڻ جي تربيت. قدرت ۾ ڪيترائي وڻندڙ نظارا آهن، مگر ماڻهن ۾ اُنهن مان خوشي حاصل ڪرڻ جو مادو ڪمزور ٿي ويو آهي. انهيءَمادي کي درجي بہ درجي ٻارن جي عمر آهر نظارن ۽ خوبصورت شين ڏيکارڻ سان زور وٺائي ٿو سگهجي.

ارڙهين صديءَ جي آخري سال ۾ پيسٽالازي استقلال سان پنهنجو ڪم ڪندو رهيو، مگر رستو اجا صاف نظر ڪين پئي آيس. مارچ 1800 ۾ پنهنجي هڪ دوست ڏانهن لکيائين تہ ”حياتيءَ جا ٽيهہ ورهيہ هيبتناڪ تنگيءَ ۾ گذاريا اٿم. ايتريءَ ساريءَ عمر ۾ اڪثر ڪري تمام ضروري گذر جون شيون بہ ميسر نہ پئي ٿيون اٿم، ۽ موچارن ڪپڙن نہ هئڻ ڪري ٻين ماڻهن جي سنگت کان پاڻ پري پئي رکيو اٿم.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڪيترائي ڀيرا مون کي بنا مانيءَ ڪاٽڻ جي ويلو پئي گذريو آهي ۽ رستي تي هلندي روٽيءَ جو سڪو ٽڪر پئي کاڌو اٿم. اگرچه سيڻي کان مسڪين ماٺهو به ميز جي چوڌاري مزي سان طعام کائيندا هئا. هي مصيبتون مون انهيءَ لاءِ پئي سٺيون آهن ۽ اجا به پيو سهان ته مسڪينن جي مدد لاءِ ڪي تجويزون ڳولي ڪڍان.“ پيستالازيءَ کي مدد ملڻ جي سخت ضرورت هئي. هن وقت هن کي هڪڙو مددگار مليو، جو اگرچه اسڪول ماستر هو، ته به نئين رستي سکڻ لاءِ ۽ ٻين جي خيالن تي عمل ڪرڻ لاءِ تيار گو. هن جو نالو هرمن ڪروزي هو ۽ عمر پنجويهه ورهيه هيس. هو ارڙهن ورهين جي عمر کان وٺي گبز ضلع اپنزل جي ڳوٺاٽي اسڪول ۾ ماستر هو. فرينچن ۽ آسٽرين جي وچ ۾ لڙائي لڳڻ ڪري اپنزل صلغ ۾ سخت ڏڪار اچي پيو، ۽ ٻارن جون ٽوليون ٻک کان بچائڻ لاءِ ٻئي پاسي موڪليون پيون. فشر، جو پيستالازيءَ جو دوست هو ۽ جنهن کي تعليم جو شوق هو تنهن، ڪروزيءَ ڏانهن لکيو ته ٽيهن ٻارن کي برگڊارف جي ماڻهن پاڻ وٽ رکڻ قبول ڪيو آهي ۽ انهن ٻارن جي سنڀال لاءِ هڪڙو ماڻهو کپي. ڪروزيءَ چا ڪيو جو ٻارن جي هڪڙي ٽولي وٺي هڪ هفتو پنڌ ڪري اچي برگڊارف ۾ گهڙيو. برگڊارف جي سخي ماڻهن ڇوڪرا ورهائي ڪنيا. ڪروزيءَ کي انهيءَ قلعي ۾ جاءِ ملي، جو ڪجهه فشر ۽ ڪجهه پيستالازي ۽ ڪروزيءَ اسڪول کوليو. فشر جلدئي مري ويو، ۽ پيستالازيءَ ڪروزيءَ کي چيو ته گڏجي قلعي ۾ اسڪول هلايون. ڪروزيءَ کي هيستائين پيستالازيءَ جا سڀ خيال پسند اچي ويا هئا. سرڪاري عملي ڪائونسل 23 جولاءِ 1800 جي فرمان سان پيستالازيءَ کي مفت ۾ قلعي ۽ باغ جو ايترو حصو، جيترو هن کي گهربل هجي، ڏنو. اهريءَ طرح پيستالازيءَ جو برگڊارف وارو مشهور اسڪول جاري ٿيو.

جلدئي ڪروزيءَ ٻيا به مددگار هٿ ڪيا. ٽابلر ۽ بس، جن ليونارڊ ۽ جرٽروڊ وارو ڪتاب پڙهيو هو. ڪروزيءَ جوبيان آهي ته ”اسانجي جماعت ڇئن مختلف قسمن جي ماڻهن جي ٺهيل هئي. هڪڙو اسڪول جو پايو وجهندڙ، جنهن بابت عام طرح ائين مشهور هو ته هو هڪڙو خيالي مصنف آهي، جنهن کي عمل ڪرڻ جو لياقت بلڪل ڪانهي، ۽ ٽي نوجوان، هڪڙو (ٽابلر) خانگي ماستر، جنهن جي نندائيءَ جو وقت اجايو وڃايل هو، جنهن علم سکڻ دير سان شروع ڪيو هو ۽ جنهن جي تعليمي ڪوشش اهڙو چڱو نتيجو ڪو نه ڏيکاريو هو، جهڙو هن جي چال ۽ لياقت جي ڪري ٿيڻ گهربو هو، ٻيو (بس) جلد بنديءَ جو ڪم ڪندڙ، جو پنهنجو فرصت جو وقت راڳ ۽ ڊرائنگ ۾ صرف ڪندو هو، ۽ ٽيون (ڪروزي پاڻ) ڳوٺاٽو اسڪول ماستر، جنهن تعليم ڏيڻ لاءِ پوري ۽ لياقت حاصل ڪرڻ ڪانسواءِ پنهنجا فرض پنهنجي طاقت آهر بجاءِ پئي آندا. اسان منجهان ڪنهن کي پنهنجو گهر ڪو نه هو. جن شخصن اسان کي پئي ڏنو، تن تي اسان جي لياقتن به نسبت ڪو چڱو اثر ڪو نه ٿي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

ويئو. تنهن هوندي بہ اسان جو ڪم تمام چڱو هليو، ۽ عام ماڻهن ڪي اهڙو پسند آيو، جو جيڪي اسان جا واقف هئا، تن کي ايتري اُميد ڪا نہ هئي ۽ نڪي خود اسان کي ئي ڪا ايتري اُميد هئي.“

سرڪار جي مدد سان پيسٽالازيءَ ۽ ڪروزيءَ جي گڏيلن اسڪولن سان هڪڙو ٽريننگ ڪلاس ماسترن لاءِ لاڳو ڪيو ويو، ۽ ننڍن اسڪولن جا ماستر هڪ مهينو برگڊارف ۾ گذارڻ ۽ پيسٽالازيءَ کان سکڻ لاءِ موڪليا ويندا هئا، جيئن ڪي ورهيہ هن کان پوءِ ساڳئي ئي شهر ۾ فروبيل کان سکڻ ويندا هئا. هي اسڪول جنوري 1801 ۾ کليو ۽ ذري گهٽ ٽي ورهيہ پوري ڪاميابيءَ سان هليو. انهيءَ اسڪول ۾ پيسٽالازيءَ جو اهو خيال تہ اسڪول ۽ گهر جي وچ ۾ جدائي ۽ اختلاف نہ هئڻ گهرجي، سو پوريءَ طرح عمل آندو ويو. هڪڙي پيري هڪڙي شاگرد جي پيءُ اسڪول ڏسي رڙ ڪري چيو تہ ”هان! هي اسڪول تہ ناهي، هي تہ هڪڙو ڪٽنب آهي. پيسٽالازيءَ انهي ريمارڪ بابت ظاهر ڪيو تہ اها سندس اسڪول لاءِ عاليشان واکاڻ هئي. جنهن رسيءَ سيني ماسترن ۽ شاگردن کي ڳنڍي هڪ ڪيو هو، سا هئي محبت جي رسي. پيسٽالازيءَ کي ”بابو پيسٽالازي“ ڪري ڪوٺيندا هئا. جاءِ جي تنگيءَ ڪري شاگرد سو ڪان گهٽ رکيا ويا. هو بلڪل گهٽي آزادي ماڻيندا هئا ۽ انعامن يا سزائن کان سواءِ خوب محنت ڪندا هئا. سرڪاري توڙي خانگي رپورٽن ۾ اسڪول جي نتيجي جي بلڪل گهٽي تعريف ڪئي ويئي. جون 1802 ۾ برن ۾ عام تعليم جي پريزيڊنٽ ظاهر ڪيو تہ ”پيسٽالازيءَ ابتدائي تعليم جا سچا ۽ هر حالت سان لاڳو قاعدا ڳولي ڪڍيا آهن. هڪڙو شخص چارلس وڪٽر، جنهن اسڪول ڏٺو، سو لکي ٿو تہ ٻار ٿورو سکيا آهن، پر جيڪي سکيا آهن، سو تمام چڱي طرح. هو تمام خوش آهن ۽ اها ڳالهہ چڱيءَ طرح ظاهر آهي تہ هنن کي سبقن مان تمام گهڻو مزو ٿو اچي. اها ڳالهہ نئين تعليمي رستي جي واکاڻ آهي. پيسٽالازيءَ جهڙو ٻيو ماڻهو پيدا ٿيڻ ۾ گهڻو وقت گهربو، تنهن ڪري مون کي خوف آهي تہ سندس لڌل رستو جيڪو ڀلي فصل جي اُميد ٿو ڏياري، سو نہ هن زماني ۾، پر ايندڙ زمانن ۾ ليندو. شاگردن حسابن ۾ خصوصا چڱي ترقي ڪئي هئي. هڪڙو سوداگر، جنهن کي پيسٽالازي ڪين وڻندو هو، سو ڇوڪرن کي ڏکيا اٽپور آسانيءَ سان ڪندو ڏسي حيرت ۾ پئجي ويو.

هن وقت تائين پيسٽالازيءَ اڳين رستن متائڻ ۽ سڌارن ڪرڻ لاءِ ڪوشش پئي ڪئي ۽ ماڻهن تي بہ چڱو اثر پيدا ڪيائين. پر هاڻي وري لهر اُبتڙ وهڻ لڳي. سئٽزرلنڊ جي ماڻهن پنهنجا چونڊيل ميمبر فرانس جي مشهور نيپولين بونا پارٽ ڏانهن پنهنجي آئيندي بادشاهت جي انتظام لاءِ موڪليا. انهن سان گڏ پيسٽالازي بہ چونڊيو ويو هو. هو نہ اُنهن خيالن سان روانو ٿيو تہ سئٽزرلنڊ جي آئيندي بادشاهت


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

کھڙي ٿئي، پر انھن خيالن سان تہ اسڪول جو انتظام ڪيئن ھئڻ گھرجي. پئرس ۾ بونا پارٽ سان ملڻ جي استدعا ڪيائين. مگر بونا پارٽ کي ملڪن ڏاھڻ کان ملڪن ڊاھڻ (جنگ ڪرڻ ۽ ملڪن فتح ڪرڻ) جو خيال وڌيڪ ھو، تنھن ورندي ڏني تہ مون کي الف بي جي ڳالھين تي مٿو کپائڻو ڪونھي. تنھن ھوندي بہ پنھنجي نائب مانجھ کي چيائين تہ تون وڃي پيسٽالازيءَ جون ڳالھيون ٻڌ. پر ھي رياضي دان انگريزي تعليم دانن سان شامل راءِ ٿيو تہ ”پيسٽالازيءَ ۾ ڪجھ بہ ڪينھي.“ جڏھن پيسٽالازيءَ موٽي آيو، تڏھن ڪنھن پڇيس تہ بونا پارٽ سان مليوَ؟ ھن جواب ڏنو تہ نہ مان ھن سان مليس، نڪي ھو مون سان مليو. ھن جي اھا گستاخي، جو فاتح اعظم سان برابريءَ جا الفاظ ڪم آندائين، سا ماڻھن کي ڏاڍي ڏکي لڳي. مگر زمانو سڀ ڪنھن جو قدر نيٺ ڪري ٿو، ۽ ھينئر يورپ نيپولين کان وڌيڪ پيسٽالازيءَ کي لائق ٿو سمجھي ۽ بلڪل گھڻو وڌيڪ عزت ٿو ڏئي.

سٽزرلئنڊ جي بادشاھت ۾ ڦير گھير ڪرڻ ڪري پيسٽالازيءَ کي اھو اسڪول بند ڪرڻو پيو. ٻن ٽن ھنڌن تان نا اُميد ٿيڻ کان پوءِ نيٺ ورڊن جي قلعي ۾ اسڪول کولڻ جي ڪيس آڇ ٿي. سندس نائب بہ ٻارھن مھينن جي اندر اچي اُتي ساڻس شامل ٿيا. اھڙيءَ طرح تعليم جي تاريخ ۾ سڀني کان وڌيڪ مشھور اسڪول کليو. ڪن ورھين تائين فتحيابي حيرت انگيز ڏسڻ ۾ آئي. ڪيترن ئي ملڪن مان سرڪاري طور ماستر پيسٽالازيءَ جي رستي سکڻ لاءِ ورڊن ۾ ايندا ھئا. شاگرد بہ پري پري جا ايندا ھئا، جن مان ڪي پيسٽالازيءَ جي سنيال ھيٺ جڏيا ويندا ھئا ۽ ڪي شھر ۾ رھندا ھئا ۽ فقط ڏينھن جي وقت قلعي ۾ پڙھڻ لاءِ ايندا ھئا. نون خيالن جي شوق جي لھر ھڪدم زور وٺي ويئي. مگر ڪي لھر سياويڪ قائم نٿي رھي. جنھن وقت ماڻھن جو جوش گھٽ ٿو ٿئي، تنھن وقت نااُميدي ظاھر ٿيڻ تي لڳي. ورڊن ۾ بہ ائين ئي ٿيو ۽ اسڪول جلدئي بند ٿيو. مگر جن اُصولن تي پيسٽالازيءَ عمل پئي ڪيو، سي بند ٿيڻ جا نہ ھئا، خصوصا جرمنيءَ ۾ ماستر قبول ٿا ڪن تہ اسان پيسٽالازيءَ جي طريقہءِ تعليم مان گھڻو فائدو ورتو آھي.

اسان مٿي بيان ڪيو آھي تہ شنھشاھ نيپولين الف بي جي سوالن تي مٿي مارڻ کان انڪار ڪيو. ھن کي اھا مغروري ھئي، جا ڪنڌ پيچائيندي آھي. مگر پريشا (جرمني جي وڏي رياست)، جا (ورجينا) واري لڙائيءَ ۾ 1806ع ۾ زبون ٿي ويئي ھئي، تنھن جي سرڪار کي اھا سمجھ آئي تہ اجوڪا ٻار سياڻي مرد ٿيڻا آھن، پر کھڙي قسم جا مرد ٿيندا، تنھنجو سڄو مدار آھي تعليم تي. پرشيا ڪيئن وري پنھنجو ڪرُ مٿي ڪري؟ پرشيا جي حاڪمن فيصلو ڪيو تہ فقط ماڻھن کي چڱي تعليم ڏيڻ سان اسان جي بادشاھت وري ڪنڌ مٿي ڪڍي سگھندي. بادشاھ فرمايو تہ ”اسان ملڪ وڃايو آھي ۽ ٻاھرين ملڪن جي نظر ۾ اسانجي طاقت ۽ عزت ڪري


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

پيئي آهي، مگر اسان محنت ڪري پنهنجي ملڪ جي اندر وري به طاقت ۽ عزت حاصل ڪنداسين. انهي ڪري منهنجي خواهش آهي ته سيني ٻالهين کان وڏيڪ ماٺهن جي تعليم تي گهڻو ڌيان ڏجي. ساڳي ورهيه ۾ اتي جي راڻيءَ پنهنجي خانگي ڊائريءَ ۾ لکيو ته ”مان ليونارڊ ۽ جرٽروڊ جي پڙهڻ ۾ مشغول رهي آهيان، ۽ مونکي ڏاڍي خوشي ٿي ٿئي، جو پڙهڻ وقت منهنجو سڄو خيال سئٽزرلئنڊ جي انهي ننڍڙي ڳوٺ ۾ وڃي ٿو پوي. جيڪڏهن پنهنجي مرضيءَ تي هلي سگهان ته جيڪر هڪدم گاڏي تيار ڪرائي پيستالازيءَ جي ڏسڻ لاءِ سئٽزرلئنڊ ڏانهن رواني ٿيان، شوق سان ڪيس هٿ هٿ ۾ ڏيان ۽ منهنجون اکيون لڙڪن سان پرجي منهنجي شڪر گذاري ظاهر ڪن. ڪهڙيءَ نه نيڪ دل سان ۽ ڪهڙي نه شوق سان هو ذات انسان جي ڀلائيءَ لاءِ محنت پيو ڪري! انسانيت جي پاران مان سندس ته دل شڪر گذار آهيان.“

اهڙيءَ طرح پرشيا هڪدم پيستالازيءَ جي اُصولن تي تعليم ڏيڻ شروع ڪئي، جو ته پريشا جي سيني ماڻهن کي پڪ ٿي ويئي ته ترقيءَ جو مدار فقط تعليم تي آهي. پريشا جي بادشاهت سترهن نوجوان پيستالازيءَ ڏي موڪليا. وزير جيڪو خط پيستالازيءَ ڏي لکيو، تنهن ۾ لکيائين ته ”ماستريءَ جي شريف ڌنڌي هلائڻ لاءِ ماسترن کي نه رڳو دماغ جو سڌارو گهرجي، دل جو سڌارو به گهرجي، انهيءَ لاءِ ته پنهنجي ڪم کي متبرڪ سمجهي اهڙي چاهه سان ڪم ڪن، جيئن توهان پئي ڪيو آهي.“

وردن ۾ جيڪي شاگرد پيستالازيءَ وٽ پڙهيا، تن مان ڪيترن ئي وڏي هوندي چڱو نالو ڪڍيو. پيستالازيءَ کي هتي جيڪا ڪاميابي حاصل ٿي، تنهن جي شاهدي گهڻن وڏن ماڻهن ڏني آهي. تنهن هوندي به اسڪول جي زواليت جو ٻج منجهس موجود هو. اسڪول جي زواليت جا سبب گهڻائي هئا. پر اُهي تڏهن ظاهر ٿيا، جڏهن ماسترن جي وچ ۾ ڦيتاڙو پيو. پيستالازي اسڪول جي اخلاقن ۽ ضابطي جو بنياد ڪٽنب جي لاڳاپن پيدا ڪرڻ تي ٿي ٻڌو ۽ پاڻ ٻارن جي لاءِ پيءَ جي بجاءِ تي ڪوشش ڪيائين، بر گڊارف ۾ اهو پيوند پيدا ڪرڻ ممڪن هو، مگر وردن ۾ هڪ ته ڇوڪرا گهڻا هئا، ٻيو وري مختلف ٻولين ۽ عادتن وارا هئا. شاگردن هٿ به ڪيس ”بابو پيستالازي“ ڪري پئي سڏيو، پر جيئن پيءُ ٻارن کي سڃاڻي ٿو سگهي تيئن پيستالازيءَ لاءِ ٻارن کي سڃاڻڻ محال هو. تنهنڪري ڪٽنب جي نموني وارو ضابطو نه هلي سگهيو، نڪي وري اسڪول ۾ ڪو ضابطو رکيل هو. تنهن ڪانسواءِ پيستالازيءَناممڪن ڳالهين ڪرڻ جي ڪوشش پئي ڪئي. هن جو خيال هو ته تعليم اوائلي ڳالهين کان وٺي شروع ڪجي. پر هن وٽ ڇوڪرا وڏين عمرين وارا به پئي آيا، جن مان ڪي ته اڳي به ڪجهه سکيل هئا. هاڻي اهڙن ڇوڪرن کي ڪيئن مڃائجي ته توهان ڪجهه سکيل ڪين آهيو، هاڻي نئين رستي تي تعليم شروع ڪريو؟


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

پر انهن کان وڌو سبب اسڪول جي زواليت جو پيو هو. ماسترن ۾ هڪڙو جوزف شمٹ نالي حسابي ڪم ۾ تمام تکو هو. هو بلڪل چالاڪ ماستر هو ۽ اسڪول جي سڄاري جو گهڻو مدار هن تي به هو. مگر هن جا خيال پيسٽالازيءَ جي خيالن موافق نه هئا، تنهنڪري هن اسڪول ۾ ڦيٽاڙو وڌو ۽ انهي بي اتفاقيءَجي ڪري پيسٽالازيءَ تمام ڏاڍو دل شڪستو ٿي پيو.

اسڪول جي سڪرات ڪي ورهيه هلي. انهيءَ دردناڪ عرصي جا به واقعا بيان ڪرڻ جهڙا آهن. پهريون هو پيسٽالازيءَ جي تصنيفن جو ڇپائڻ، جنهن لاءِ شمٹ ۽ پيسٽالازي پبلڪ کان چندو گهريو. پبلڪ اهڙي ڪشاده دلي ڏيکاري، جو پيسٽالازيءَ کي ٻه هزار پائونڊ ملي ويا. پيسٽالازيءَ کي گهڻي وقت کان نيوهاف ۾ يتيم خاني کڍڻ جو خيال هو. هاڻي هن اردو ڪيو ته اهي پئسا انهيءَ ڪم تي خرچ ڪريان. پر اهي سڀ پئسا ائين ڳري ويا، ڪنهن کي پتو ڪونهي ته ڪيئن ويا.

ٻيو واقعو هو پيسٽالازي جي آخري فتح. شمٹ جي مخالفت هوندي به هن ورڊن جي نزديڪ ڪلنڊي ۾ هڪڙو ٻارهن رولو ٻارن جو اسڪول کوليو. هت سندس محنت جو ڦل اهڙو ئي نڪتو، جهڙو نيوهاف، سٽئنز ۽ برگڊارف ۾ نڪتو هو. اگرچه هو ٻڍو هو، پنهنجي خيالن ۾ محو رهندو ۽ رواجي ڪمن ڪرڻ جي لياقت نه هوندي هيس، تڏهن به ٻارن جي التفات ۽ محبت حاصل ڪرڻ ۽ هنن کي پنهنجي مرضيءَ تي هلائڻ لاءِ هن ۾ جادو جهڙو اثر هو. ٿورڙن ئي مهينن ۾ ٻارن جو تعداد ٽيھ وڃي ٿيو ۽ تعليم ۾ حيرت جهڙي ترقي ٿي وئي پيسٽالازيءَ پوءِ شمٹ جي چوڻ تي اهو اسڪول قلعي ۾ آندو.

سنه 1824 ۾ ورڊن جي قلعي جو اسڪول جو ويھ ورهيه هليو هو، سو نيٺ هميشه لاءِ بند ٿيو، ۽ پيسٽالازيءَ پنهنجي حياتيءَ جا باقي ڏينهن (اٽڪل ٽي ورهيه) نيوهاف ۾ پنهنجي پوٽي وٽ وڃي رهيو. مرڻ کان هڪ ورهيه اڳي هن يوگن شهر ۾ يتيم خانو وڃي ڏٺو، جنهنجو ڪم يلر سندس اُصولن تي هلائيندو هو. ٻارن سندس شان ۾ هڪڙو گيت ڳاليو، جو ليونارڊ ۽ جرٽروڊ ۾ ڏنل آهي. هنن هن ٻڍي ماڻهوءَ جي سر تي عزت جي تاج رکڻ جي تياري ڪري ڇڏي هئي، مگر پيسٽالازيءَ انڪار ڪيو ۽ چيائين ته ”مان هن جي لائق نه آهيان، اهو تاج معصوميت لاءِ رکو.“

تاريخ 17 فيبروري 1847 ۾ ايڪاسي ورهين جي ڄمار پيسٽالازي هن دنيا مان لاڏاڻو ڪيو.

پيسٽالازيءَ جي سوانح عمريءَ مان جيڪي سبق ماستر ۽ ماءُ پيءُ سکي سگهن ٿا، تن جي بيان ڪرڻ لاءِ دفتر گهرجن. مگر هتي فقط ايترو چئي سگهجي ٿو ته ٻارن کي تعليم ڏيڻ لاءِ پيسٽالازيءَ جهڙي دل هئڻ گهرجي. تعليم جو سچو مقصد آهي بدني، اخلاقي، دماغي ۽ روحاني سڌارو، جيئن دنيا ۾ پنهنجي لاءِ خواه ٻين لاءِ


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

چڱائي جا ڪم ڪري سگهجن ۽ آخرت جي چڱائي بہ حاصل ڪجي. جيڪڏهن بدن نبل يا روڳي آهي تہ انسان دنيا ۾ ڪجهہ ڪري نٿو سگهي. جيڪڏهن اخلاق خراب آهن تہ بدني ۽ دماغي طاقتون اُٽلندو نقصان ڪار آهن. تنهنڪري ماسترن کي گهڻو خيال ڏيڻو آهي شاگردن جي تندرستيءَ ۽ اخلاقن سڌارڻ تي . اخلاقن سڌارڻ لاءِ سڀ کان ضروري ڳالهہ اها آهي تہ ماسترن جي دل ۾ سندن اخلاق اهڙو هجن جهڙا پيسٽالازيءَ جا.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# ائٽلس جاگرافي تعلقو قنبر

**منڍ**

جيئن ته ٻين ڪيترن تعلقن جون جاگرافيون نڪتل آهن، تيئن قنبر تعلقي جي جاگرافيءَ جي ضرورت محسوس ڪري تيار ڪئي وئي آهي. اڪثر ڪري ڏٺو ويو آهي، ته ماستر صاحب ٻارن کي طوطي وانگر ٻه ٽي سوال جاگرافيءَ جا پڪا ڪرائي ڇڏين ٿا، جنهن مان ٻارن کي مزو نٿو اچي، ائٽلس جاگرافي ٻوجهه سمجهن ٿا. جاگرافي سيکارڻ جا ٻه نمونا آهن: هڪڙو سير ڪرائي جنسي ڏيکارجي، ٻيو نقشي تي ۽ تصويرن سان حقيقتون سمجهائجن. هن ڪتاب ۾ اهي ٻئي نمونا چٽائيءَ سان سمجهايل آهن. اميد ته ماستر صاحب ۽ شاگرد منجهانئس پورو فائدو حاصل ڪندا.

(1) **جاگرافي**

جنهن علم مان زمين جي مٿاڇري جي خبر پوي، تنهن علم کي جاگرافي چئجي ٿو.

**نقشو نمبر 1 پاڻيءَ ۽ خشڪيءَ جا ڀاڱا**

(2) **جهان جا طرف سڃاڻڻ**

**صبح جو** — جنهن پاسي ڏانهن سج ايرندو آهي، ان پاسي کي ايرندو چئجي ۽ جنهن پاسي ڏانهن سج لهندو آهي، (ايرندي جي سامهون) تنهن کي **الهندو** چئجي — ايرندي ڏانهن منهن ڪري بيهبو ته ساڄي هٿ وارو پاسو ڏکڻ ۽ کاٻي هٿ وارو پاسو اتر ٿيندو. (ڏسو شڪل)

**منجهند جو** — صبوح ۽ شام جو ته اوهان طرف سڃاڻي سگهندا، پر منجهند جو جڏهن سج اوهان جي مٿان اچي ٿو، تڏهن ميدان تي طرف هيئن سڃاڻجن:

زمين تي ڪاٺي اڀي ڪري کوڙيو، جنهن طرف ڪاٺيءَ جو پاڇو پوي سو آهي اتر ۽ ان جو سامهون پاسو ڏکڻ، اتر ڏانهن منهن ڪري بيهبو ته سڄي هٿ وارو اوڀر ۽ کٻي هٿ وارو اولهه ٿيندو. (ڏسو شڪل)

**رات جو** — آسمان ۾ هڪ تمام روشن تارو ڏسڻ ۾ ايندو آهي، جنهن کي ڌرو يا قطب تارو چوندا آهن. اهو هميشه اتر جي پاسي هوندو آهي، اتر سهي ڪبو، ته سمورا


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

طرف سهي ڪري سگهبا. (ڏسو شڪل)

**جهڙ ۾** - هڪڙو اوزار ٿيندو آهي، جنهن جي شڪل صفحي ۾ آهي، ان ڪي قطب نما چئبو آهي هن جي وچ ۾ هڪ لڏندڙ سئي ڏسو ٿا، جا هميشه اتر ڏانهن بيهندي آهي، اتر سهي ڪرڻ بعد ٻيا طرف سڃاڻي سگهبا.

**قطب نما**

پنئينءَ شڪل ۾ توهان ٻيا چار طرف پڻ ڏسي سگهندا، ڪل اٺ طرف ٿيندا.

1 – اتر، 2– اتر اولهه، 3– اتر اوڀر جي ڪنڊ، 4– اوڀر، 5– ڏکڻ اوڀر جي ڪنڊ، 6– ڏکڻ، 7– ڏکڻ اولهه جي ڪنڊ ۽ 8– اولهه.

(1) **نقشو يا خاڪو ڇاکي چئجي؟**

ڪاغذ يا ڪپڙي تي ڪنهن جاءِ يا ملڪ جون حدون ليڪن ۾ نشان ڪيل هجن، تن کي انهيءَ هنڌ جونقشو چئجي ٿو، جيئن هي هڪڙي اسڪول جو نقشو آهي:-

(4) **تصوير ڇا کي چئجي**

ڪاغذ يا ڪپڙي تي ڪنهن بہ شيءَ يا ساهہ واري يا جاءِ جي هوبهو شڪل نڪتل هجي، تنهن کي تصوير چئجي جيئن تہ هيءَ فوني ۽ موٽر جون تصويرون آهن:-

(5) **پيمانو**

توهان مٿئين شڪل ڏسو ٿا، جا هوبهو فوني جهڙي آهي مگر فوني کان گهٽو ننڍي آهي اهڙيءَ طرح اسڪول جونقشو گهٽو ننڍو آهي، ڇاڪاڻ تہ ايڏيون وڏيون شڪليون پني تي ماپي ڪين سگهنديون. ٻئي ڪتاب ۾ ماڪيءَ جي مک جي شڪل ڏني اٿو، اها شڪل پاڻ قد ۾ وڏي آهي ڇاڪاڻ تہ مک جي وڏي شڪل پني تي سولائي سان ڪڍي سگهجي ٿي،

**ياد ڪريو** – وڏيءَ ماپ لاءِ ننڍي ماپ ونجي يا ننڍيءَ لاءِ وڏي ماپ ونجي، تنهن کي پيمانو چئجي ٿو. جيئن تہ هڪ ڪلاس جي ماپ ڦيٽ سان ماپي سي تہ سندس ڊيگهہ 20 فوٽ ۽ ويڪر 12 فوٽ آهي، ان جو نقشو هيٺ ڏيکارجي ٿو:

(6) **نقشي جا طرف سڃاڻڻ**

جڏهن پٽ تي سنئون سڌو نقشو ٽنگيل هجي، تڏهن ان جي مٿئين پاسي کي اتر چئبو آهي، هيٺين پاسي کي ڏکڻ نقشي ڏانهن منهن ڪري بيهبو، تہ سڄي هٿ وارو پاسو ٿيندو نقشي جو اوڀر ۽ کبي وارو پاسو ٿيندو اولهه.



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

## (7) سوال

1 – جاگرافي پڙهڻ مان فائدا ٻڌايو؟
2 – رات جو طرف ڪيئن سڃاڻجن؟
3 – اتر ۽ اولهه جي ڪنڌ ڏيکاريو؟
4 – توهان جي اسڪول جي اتر ڏانهن ڇا آهي؟
5 – نقشي ۽ تصوير ۾ تفاوت سمجهايو؟
6 – پنهنجي ڪلاس جو نقشو ڪڍي ميز جو نشان ڪريو.
7 – پيمانو ڇاکي چئجي؟
8 – منجهند جو طرف .......... ڪوڙي سهي ڪجن.
9 – وڏيءَ ماپ لاءِ ........ ۽ ننڍيءَ ماپ لاءِ ......... وٺجي تنهن کي پيمانو چئجي.
10 – ڏهه فوٽ برابر هڪ انچ جي حساب سان پنهنجي گهر جي جاءِ جو نقشو ڪڍو؟
11 – نقشي جو اولهه ڪيئن سڃاڻجي؟
12 – قطب نما جي تصوير ڪڍي ڏيکاريو؟

## (8) پنهنجي ڳوٺ جي واقفيت

ڇوڪرؤ جنهن ڳوٺ ۾ اوهان رهو ٿا، تنهن جي نالي جي اوهان کي خبر آهي. توهان جي ڳوٺ جي آس پاس ٻنيون آهن، انهن ٻنين جي وچ ۾ ڏسندا ته پٽر لڳا پيا هوندا آهن ۽ ڪچا ٻنا ٺهيا پيا هوندا آهن، انهن پٽرن يا ڪچن ٻنن جي وچ ۾ جيڪي ٻنين جا ٽڪر اچي وڃن ٿا، تن جي ماپ ٻه، ٽي يا چار ايڪڙ ٿيندي، انهن مان هر هڪ ٻنيءَ جي ٽڪر کي نمبر چئبو آهي. توهان جي ڳوٺ جي آس پاس وارن ٽن چئن سون نمبرن کي گڏي ديهه چئبو آهي. ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي ديهه يعني ڳوٺ ۽ ان جي آس پاس گهمڻ ويندا ڪريو ۽ هيٺين ڳالهين جي جاچ ڪري ماستر صاحب کي ٻڌائيندا ڪريو.

1 – توهان جو ڳوٺ اٽڪل ڪيترو ڊگهو ۽ ڪيترو ويڪرو آهي؟
2 – ڳوٺ ۾ اٽڪل ڪيترا گهر آهن ۽ انهن ۾ ڪيترا ماڻهو رهن ٿا؟
3 – منجهس سرڪاري جايون ڪهڙيون آهن؟
4 – ڳوٺ جي پرسان آبادي ڪهڙي ٿيندي آهي؟
5 – ڳوٺ کان رستا ڪيڏانهن ڪيڏانهن وڃن ٿا؟
6 – جن ماڻهن کي زمين آهي، سي سرڪار کي ڇا ڏيندا آهن؟

سامهون هڪڙي ديهه ڳوٺ کي ڏسندا، ته منجهس ڪچيون ۽ پڪيون جهوپڙيون، گهر، آبادي وغيره نظر ايندا.


www.sindhsalamat.com
سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

### (9) تپو ڇا کي چئجي

ڇوڪرؤ! اوهان کي خبر آهي ته، اوهان جي ديهه جا زميندار ٻنين جي ڍل ڀريندا آهن، اها ڍل جنهن ماڻهوءَ کي ڏيندا آهن، تنهن کي تپيدار چئجي ٿو. اهو تپيدار ٻين ٻه ٻن ٽن ديهن يعني ڳوٺن جي ڍل وٺندو آهي. انهن ٻن ٽن ديهن کي گڏي تپو چئبو آهي. سڄي تپي جي سنڀال صفائي وغيره جو بندوبست تپيدار ڪندو آهي. نقشي ۾ تپو جاچيو ۽ ان جو نقشو سليٽ تي ڪڍي ڏيکاريو، اهو پڻ جاچيو ته توهان جي تپي جي اتر، اوڀر، ڏکڻ ۽ اولهه ۾ ڪهڙا ڪهڙا تپا آهن ۽ منجهس ڪهڙا ڳوٺ يعني ديهون آهن.

### (10) حد يا سرڪل ڇا کي چئجي

ٽي يا چار تپا گڏبا ته حد يا سرڪل ٿهندي. حد جو وڏو عملدار سپروائيزنگ تپيدار آهي، جو تپيدار جي مٿان ڪم جي سنڀال ڪري ٿو.

### (11) تعلقو ڇا کي چئجي

چار يا پنج حدون گڏبيون ته ٿهندو تعلقو، تعلقو جو وڏو عملدار مختيار ڪار صاحب آهي، جو تپيدارن ۽ سپروائيزرن ۽ ڪاتيدارن جي مٿان ڪم جي سنڀال ڪري ٿو. مختيار ڪار پنهنجي تعلقي جو مئجسٽريٽ به آهي. ڪنهن جي زمين آباد نه ٿئي ته ڍل جي معافي ڏيندو. نشيدار شين جي وڪري جي ماڻهن کي اجازت ڏيندو آهي. ڪين ڪم جي مدد لاءِ هڪ هيڊ منشي ۽ هڪ خزانچي ۽ ٻه ٽي ٻيا منشي مليل اٿس،

### (12) حدون قمبر تعلقي جون

نقشي ۾ ڏسو ته، ته قمبر تعلقي جي اتر ۾ شهداد ڪوٽ ۽ ميرو خان تعلقا، ايرندي ڏي تعلقو لاڙڪاڻي، ڏکڻ ڏي تعلقو وارهه ۽ اولهندي ڏي ڪير ٿر جبل آهن.

### (13) گهاٽ (قدرتي ڀاڱا)

هن تعلقي جو مٿاڇرو خيال ۾ رکجي ٿو، ته ٽن قدرتي حصن ۾ ورهايل آهي:

(1) ميل (2) جابلو (3) ڪاڇو (ڪوهستان)

1 – نقشي ۾ نهاريو. هن تعلقي جو اوڀاريون ڀاڱو هيٺاهون آهي، تنهن ڪري اتي واهن جو پاڻي تمام گهڻو ڪنو ٿئي ٿو، جنهن ڪري اتي آبادي ٿئي ٿي، انهيءَ ڪري گهاٽو وساريل ڀاڱو آهي، تنهنڪري ڪين ميل چون ٿا.

2 – اولهه واري ڀاڱي جي زمين آهي جابلو ۽ مٿاهين، تنهن ڪري اتي واهن جو پاڻي پهچي ڪو نه سگهي، مگر جڏهن گهڻومينهن وسندو آهي، تڏهن نيون وهي



سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

هلنديون آهن. هن ڀاڱي ۾ جبل گهٽا آهن، تنهن ڪري انهيءَ ڀاڱي کي جابلو (ڪوهستان) ڪري چوندا آهن.

3 – باقي وچولي وارو ڀاڱو جو جبلن جي ڪڇ ۾ آهي، تنهن کي ڪاچو چئبو آهي هن ڀاڱي جي زمين وارياسي ۽ ٿوري متاهين آهي، تنهنڪري اتي گهٽ هنڌن ۾ واهن جو پاڻي پهچي ڪين تو سگهي. باقي جن هنڌ پاڻي پهچي ٿو، اتي آبادي واهن تي ٿئي ٿي ۽ جن هنڌ واهن جو پاڻي نٿو پهچي سگهي، اتي پوک نئن ۽ مينهن تي ٿئي ٿي.

### (14) قنبر تعلقي جا ملڪي ڀاڱا

| نالو حد يا سرڪل جو | هر هڪ حد يا سرڪل ۾ تپا |
|---|---|
| (1) قنبر | (1) قنبر (2) ميل (3) پير (4) ڪلر (5) ٻوهڙ |
| (2) رانوتي | (1) رانوتي (2) مهيون (3) خيرپور (4) جيئڻ ابڙو (5) دوآبو (6) لاڪا |
| (3) دوست علي | (1) دوستلي (2) ڦتوهل واهه (3) پنهوارو (4) ڪور (5) غئبي ديرو |

### (15) سوال

(1) پنهنجي ڳوٺ جي مکيه رستن ۽ بزارين جو نقشو سليٽ تي ڪيئي ڏيکاريو؟
(2) ٻنين ۾ پٽرن ۽ ٻنن جي ضرورت ڪهڙي آهي؟
(3) ڍل جو تي ڏجي ۽ اها ڪير ڏيندا آهن؟
(4) تپو ڇا کي چئجي ۽ سندس سنياليندڙ جو نالو ٻڌايو؟
(5) حد جو سنياليندڙ ڪير آهي ۽ ان تي ڪهڙا ڪم رکيل آهن؟
(6) مختيار ڪار صاحب ڪهڙا ڪم ڪندو آهي ۽ ڪيس ڪهڙيون اختياريون آهن؟
(7) جيڪڏهن توهان کي ڪو بيگناهه ماري ته ڇا ڪندا؟
(8) تعلقي قنبر جون حدون ۽ تپا ٻڌايو؟
(9) ڪاچي ۽ ميل جي ڀيٽ ڪريو؟
(10) زمين جي ڍل جي معافي ....... ڏيندو آهي؟
(11) جابلو ڀاڱي ۾ آبادي .......... تي ٿيندي آهي؟
(12) تعلقي قنبر جي اتر ۾ ....... ۽ ........ تعلقا آهن؟
(13) قنبر تعلقي جو مختيار ڪار صاحب ......... ۾ رهندو آهي؟


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

**(16) جبل**

پٿرن جو قدرتي ڍگ جنهن جي ماپ هڪ هزار فوٽن کان مٿي هجي تنهن کي جبل ڪوٺجي ٿو.

قنبر تعلقي جي اولهندي چيڙي تي ڪير ٿر جبلن جون قطارون آهن. ڪير ٿر جبلن جي هڪ شاخ هن تعلقي ۾ وڌي آئي آهي، جنهن کي ڏاڙهيارو جبل ڪري ٿا ڪوٺين، ڏاڙهياري جبل جي چوٽيءَ جو نالو ڪتي جي قبر آهي.

**(17) نيون**

پاڻيءَ جو وهڪرو جو جبلن تان فقط برساتي موسم ۾ وهي ايندو آهي، تنهن کي نئين سڏبو آهي. هن تعلقي جي جابلو ڀاڱي جي آبادي نئن تي ٽِڪِي ٿي. اهي نيون سياري ۾ سڪيون پيون هونديون آهن ۽ اونهاري ۾ برسات جو پاڻي گهارا ڪري اچي منجهن پوندو آهي.

هن تعلقي ۾ هيٺيون نيون آهن:-

(1) ڪيجيءَ واري نئين (2) مهراڻي نئن (3) ٿون واري نئن (4) دلن واري نئن (5) موگريو واري نئن.

اهي نيون ڏاڙهياري ۽ ڪير ٿر جبل مان نڪرن ٿيون.

**(18) ڍنڍون**

وچ ۾ پاڻي هجي ۽ ٻاهران چئني پاسن کان سڪي هجي، ان کي چنچ يا ڪڏ يا تلاءُ چوندا آهن. گهڻو ڪري ڪڏون سيءَ ڪنهن ڳوٺ ۾ آهن، جن ۾ ماڻهو ڪپڙا ڌوئندا ۽ وهنجندا آهن.

وڏيون ڍنڍون هيءُ آهن:-

(1) **لنگهه جي ڍنڍ** – هيءَ ڍنڍ ديدڙن جي نزديڪ آهي. هن مان ٻه ۽ ٻپڻ گهٽا نڪرندا آهن ۽ هتي خان بهادر غلام محمد خان اسراڻ جو شڪار گاهه ٺهرايل آهي، جتي ناقال جي ڏينهن ۾ وڏن وڏن عملدارن ۽ آفيسرن سان گڏ شڪار ڪندا آهن.

(2) **چگري جي ڍنڍ** – هيءَ ڍنڍ ٻير جي پرسان آهي. هن ۾ لوڑهه، ميڄي ۽ ڪم جام ٿيندا آهن. هتي وڏا وڏا عملدار پکين جو شڪار ڪندا آهن.

(3) **ڍگهه جي ڍنڍ** – هيءَ ڍنڍ خان بهادر قائم خان شيخ جي ٽڪ جي پرسان آهي. ٻهن ڪان مشهور آهي ۽ هتي ناقال جي ڏينهن ۾ وڏا وڏا عملدار شڪار ڪندا آهن.

(4) **هاسي واري ڍنڍ** – هيءَ ڍنڍ قنبر شهر جي اوير ۾ آهي. هتي لوڑهه، ميڄي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

۽ ڪم جام ٿيندا آهن.

(5) **خيرپور واري ڪڏ** – هن مان بهه ۽ پيڻ جام نڪرندا آهن.

## (19) واهه

هن تعلقي ۾ ڪيترا واهه وهن ٿا. جي زمين کي آباد ڪن ٿا. انهن مان مکيه وڏا واهه گهاڙ واهه ۽ وارهه برانچ آهن.

**گهاڙ واهه** – لاڙڪاڻي وٽان رائيس ڪئنال مان نڪري، لاڙڪاڻي تعلقي مان وهندو اچي قنبر تعلقي کي آباد ڪري ٿو.

(1) **ڪورشاهه جي** – هي مهي تپي کي آباد ڪندو ميروخان تعلقي ڏانهن وهي وڃي ٿو.

(2) **ڪور ڏاتي جي** – هيءَ دوابي، مهي ۽ ميٽن تپن کي آباد ڪندو، ميروخان تعلقي ڏانهن وهي وڃي ٿو.

(3) **نورنگ واهه** – هيءُ جيئڻ ابڙي، دوابي، خيرپور، قنبر ۽ ميل تپن کي آباد ڪري ٿو.

(4) **نور واهه**– هيءُ جيئڻ ابڙي، لاکن ۽ دوست عليءَ تپن کي آباد ڪري ٿو.

### نورنگھ واهه مان نڪرندڙ واهه:

(1) **ڪور متل جي** – هيءَ قنبر ۽ ڪلر تپن کي آباد ڪري ٿي.

(2) **گٽ واهه** – هيءُ ميل ۽ بيير تپن کي آباد ڪري ٿو. هن جي پڇاڙيءَ مان نصير واهه نڪري ٿو، جو بوهڙ تپي کي آباد ڪري ٿو.

(3) **چيلو واهه** – هيءُ ميل ۽ خيرپور تپن کي آباد ڪندو، وارهه تعلقي ڏانهن وهي وڃي ٿو.

### نورواهه مان نڪرندڙ واهه:

**ڦتوهل واهه** – هيءُ لاکا، دوست علي ۽ ڦتوهل تپن کي آباد ڪري ٿو.

**وارهه برانچ** – هيءُ واهه رڪن جي پرسان، اتر اولهندي واري واهه مان نڪري، بين تعلقن مان وهندو قنبر تعلقي جي دوست عليءَ ڦتوهل، پنهواري ۽ بوهڙ تپن کي آباد ڪري، واره تعلقي ڏانهن وهي وڃي ٿو. هن کي پراڻيءَ دوست عليءَ وٽ فال موري بڌي اٿن. منجهانئس هيٺيون شاخون (ننديا واهه) هن تعلقي ۾ وهن ٿا:

(1) **ڪمال مئنر** – هيءَ دوست عليءَ ۽ ڪور تپن کي آباد ڪري ٿي.

(2) **دوست علي مئنر** – هيءَ دوست عليءَ ۽ ڦتوهل واهه تپن کي آباد ڪري ٿي.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

(3) **سليمان مئنر** — هيءَ دوست عليءَ ۽ ڪور تپن کي آباد ڪري ٿي.
(4) **پنهوارو شاخ** — هي دوست عليءَ، ڦتوهل واهه، پنهواري ۽ غئبي ديري تپن کي آباد ڪري ٿي.
(5) **مراد علي مئنر** — هيءَ دوست عليءَ ۽ ڪور تپن کي آباد ڪري ٿي.
(6) **سنڌو ندي ۽ سکر بئراج** — سنڌو ندي هن تعلقي مان نڪتي وهي، پر هن تعلقي ۾ جيڪي بہ واهہ وهن ٿا، تن کي سمورو پاڻي هن نديءَ مان ملي ٿو. جيڪڏهن اها ندي نہ هجي ها تہ جيڪر هڪ بہ واهہ ڪين وهي ها، جنهن ڪري تعلقو سڄو سڃو ٿي پوي ها. اها ندي هماليہ جبلن تان مانسرور ڍنڍ مان نڪري واهن کي پاڻي ڏيندي، ملڪ آباد ڪندي، عربي سمنڊ ۾ پوي ٿي. هن ندي تي سکر وٽ هڪ 66 دروازن سان پل ٺاهي اٿن، جنهن کي سکر بئراج چون ٿا.

## (20) سکر بئراج جا ٽي واهہ (دادو، وارهہ ۽ رائيس ڪئنال)

اتان سنڌو ندي مان دادو ڪئنال، واره برانچ، رائيس ڪئنال ۽ ٻيا چار وڏا واهہ نڪرن ٿا، جن کي سکر بئراج واهہ ڪري ڪوٺين ٿا.

## (21) آب هوا

اونهاري جو سج آسمان ۾ گهڻو وقت رهي ٿو، جنهن ڪري گرمي گهڻي ٿئي ٿي ۽ سياري ۾ ٿورو وقت رهي ٿو، جنهن ڪري سردي گهڻي ٿئي ٿي.
(1) ميل ۾ اونهاري جو پاڻي تمام گهڻو ٿيندو آهي، جنهن ڪري مڇر گهڻا ٿيندا آهن، جن جي ڪري سرءُ جي ڏينهن ۾ تپاولي گهڻي ٿئي ٿي ۽ هن ڀاڱي ۾ اونهاري ۾ گرمي ۽ سياري ۾ ٿڌ پوي ٿي.
(2) جابلو ڀاڱي جا پٿر ۽ واري اونهاري ۾ گرميءَ ڪري تپي پوندا آهن، تنهن ڪري اتي اونهاري ۾ گرمي گهڻي ٿئي ٿي، مگر جڏهن برسات پوي ٿي، تڏهن ٿڌي، سني ۽ وڻندڙ هوا لڳي ٿي، سياري ۾ جابلو ڀاڱي جا پٿر ٺري پون ٿا، تنهنڪري اتي سياري ۾ گهڻي ٿڌ پوي ٿي.
(3) ڪاڇو آهي جبلن جي وٽ ۾، تنهن ڪري اتي بہ جبلن جي هوا جو اثر ٿئي ٿو، يعني اونهاري ۾ ٿئي گرمي گهڻي ۽ سياري ۾ پوي زياده ٿڌ.

## (22) پوکون ۽ فصل

اونهاري ۾ پاڻي گهڻو ٿئي ٿو ۽ سياري ۾ ٿورو، تنهن ڪري اونهاري ۾ خريف جو فصل ۽ سياري ۾ ربيع جو فصل ٿئي ٿو. خريف ۾ ساريون، جوئر، ٻاجهري،


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

ڪرنگهه، تر، موٺ وغيره ٿين ٿا.

ربيع ۾ ڪڻڪ، جَوَ، مٽر، ڄانيو، سرهن، چڻا، ڏاٽا وغيره ٿين ٿا.

(1) ميل ملڪ جي زمين آهي هيٺاهين، تنهن ڪري اتي اونهاري ۾ پاڻي تمام گهڻو ٿئي ٿو. گهڻي پاڻيءَ ڪري ميل ملڪ ۾ سنيون سنڌي سڳداسي ساريون ٿين ٿيون. دوست عليءَ، گهوگهاري گهتهڙ جا سڳداسي چانور مشهور آهن. سياري ۾ ڪڻڪ، مٽرن، چڻن، سرنهن ۽ ڄانيي جي پوک ٿئي ٿي.

(2) جابلو ۽ ڪاڇي ۾ کير ٿر ڪئنال جي شاخن برسات جي پاڻيءَ تي جوئر، ٻاجهري ڪرنگهه ۽ سرنهن ٿئي ٿي. اتي جيڪڏهن مينهن چڱو وسي ٿو، ته ساڳي جوئر ٻه ٽي دفعا ان ڪري ٿي.

زمين پنجن قسمن سان پوکجي ٿي:

(1) موڪي (2) چرخي (3) سيلابي (4) چاهي (5) باراني

**موڪي** – ڪڙمي واهن مان واهيون ڪوٽي پاڻي ٻنيءَ ۾ آباديءَ لاءِ نين ٿا، ان کي موڪي چون ٿا.

**چرخي** – ٻنيءَ جي مٽي هيٺ سبب پاڻي پهچي نه سگهي، ته واهه يا درياءَ تي نار چاڙهي، ٻنيءَ کي پاڻي ڏجي ان کي چرخي پوک چئجي ٿو.

**سيلابي** – جيڪا زمين پاڻيءَ جي سيڪ تي آبادي ٿئي، اهڙيءَ آبادي کي سيلابي پوک چئبو آهي.

**چاهي** – جيڪا پوک کوهن تي ٿئي، تنهن کي چاهي يا پيائين پوک چئجي.

**باراني** – برسات جي پاڻيءَ تي جيڪا پوک ٿئي، تنهن کي باراني چئجي ٿو.

## (23) ماڻهو ۽ ڌنڌا

قمبر تعلقي ۾ گهڻا ماڻهو پوک جو ڪم ڪن ٿا، باقي ڪي ٿورا ماڻهو واپار ۽ سرڪاري نوڪريءَ تي گذران ڪن ٿا. هن تعلقه ۾ ڪل ماڻهو 81619 آهن، جن مان گهڻا مسلمان ۽ ٿورا هندو آهن. ميل جا ماڻهو پوک ڪن. ڪاڇي ۽ جابلو ڀاڱي جا ماڻهو پوک ڪن ۽ مال ڌارين. ڪيترا ماڻهو اتي پيهڻ ۽ چانورن ڇڙڻ جي انجڻين تي ڪمائن ٿا، انجڻيون ڪيترن شهرن ۾ آهن.

## (24) واپار

هن تعلقي مان ڪيتريون شيون ٻاهري وڃن ٿيون، جئين ته چانور، ڪلون، هڏا وغيره. ٻين شهرن کان ڪپڙو، اوزار، دوائون، شيشي جو سامان، پنا، سليٽون، کنڊ، ڳڙ، ميٽ، گاسليٽ، شراب، رنگ، لوهه، رڪ جو سامان ۽ ٻيون شيون اچن ٿيون.

نوٽ – جيڪو مال ٻاهران اچي، تنهن کي آمدني ۽ جيڪو مال ٻاهر وڃي تنهن کي روانگي چئجي ٿو.



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

## (25) ميلا

(1) **قمبر** – هتي ڏيارشيءَ ۽ ويساکيءَ جا هر سال ميلا لڳندا آهن.

(2) **حاجي اسماعيل جو** – قمبر جي پرسان آهي، هتي هر سال حج جو ميلو لڳندو آهي.

(3) **ميان شاهل محمد جو** – گهاڙ واهه جي ڪپ تي آهي، هتي مانهين پهرئين سومر تي ميلو لڳندو آهي.

(4) **ابڙيءَ جو** – هتي هر سال چيٽي چنڊ جو ميلو لڳندو آهي.

## (26) خشڪي رستا

ماڻهن، بَگين، موٽرن ۽ بيل گاڏين جي سهوليت لاءِ سرڪار رستا ٺهرايا آهن، جن کي سڙڪون يا خشڪي رستا چوندا آهن. هن تعلقي ۾ گهڻو ڪري سڀ رستا قمبر شهر کان ڦٽن ٿا، جي لوڪلبورڊ جي نگراني ۾ آهن ۽ سندن سنڀال لاءِ لوڪلبورڊ سرويئر مقرر ٿيل آهن.

### خشڪي رستن جو تفصيل

| | ڪٿان شروع ٿئي ٿو | وات تي مکيه ڳوٺ | ڪيڏانهن ٿو وڃي |
|---|---|---|---|
| 1 | قمبر کان | جيئڻ ابڙو، مينهون مڪول. | رتيديري ڏانهن |
| 2 | = = = | ڪاهي، مينهون، قائم خان جو ڳوٺ، وڳڻ، پنهوارو. | غئبيدار = = |
| 3 | = = = | عيسو، هليا، ميٺا. | ميروخان = = |
| 4 | = = = | ميتلا. | لاڙڪاڻي == |
| 5 | = = = | لاڪا، جوٽيجا، بگرياٽيون چچا، وارهءِ بئراج جا بنگلا. | دوست علي = = |
| 6 | = = = | پڏا، ٻير، نوڙهي. | |
| 7 | = = = | ٽپال، گهتهڙ. | بوهڙن = = |
| 8 | = = = | ........................................ | وڳڻ = = |
| 9 | = = = | شريفاڻيون. | شهداءِ ڪوٽ= = |
| 10 | دوست علي | ........................................ | |
| 11 | لاڙڪاڻي | خيرپور، پکو، نئون ڳوٺ، پولا ڪلهوڙا، چونديا. | خيرپور<br>جوسي = = |
| 12 | خيرپور | ........................................ | حمل = = |


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

| | | | |
|---|---|---|---|
| وڳڻن = = | | | |
| ڳيريلي= = | | | |

### (27) ريلوي رستا

هن تعلقي مان جيڪا ريل لنگهي ٿي، تنهن کي لاڙڪاڻو جيڪب آباد ريلوي ڪري چون ٿا. اسان جي قنبر تعلقي ۾ فقط قنبر اسٽيشن آهي جنهن کي قنبر علي خان اسٽيشن ڪري چوندا آهن.

### (28) سرڪار

سرڪار نہ هجي تہ ڏاڍو هيٺي کي ماري ڦري ۽ لٽي وجي. سرڪار اسان جي ماءُ پيءُ وانگر سنڀال ڪري ٿي. ڪم جي سولائي لاءِ هيٺيان ڪاتا هيٺين ڪمن لاءِ آهن:

(1) روينيو ڪاتو – هن ڪاتي لاءِ تعلقي جو عملدار مختيارڪار صاحب آهي. آباد ۽ غير آباد زمينن جي تپاس ڪرڻ، ڍلن جي معافي ڏيڻ، ڏوهين کي سزا ڏيڻ ۽ زيردستن جي ڪم جي نظرداري ڪرڻ مختيار ڪار جو ڪم آهي.

(2) پوليس ڪاتو – ملڪ ۾ صلح ۽ سانت رکڻ لاءِ، چورن ۽ ڦورن کي پڪڙڻ لاءِ پوليس ڪاتو آهي. هن تعلقي لاءِ هڪ پوليس صوبيدار (سب انسپيڪٽر) آهي، جو قمبر ۾ رهي ٿو، سندس هٿ هيٺ جمعدار ۽ سپاهي آهن. پوليس ٿاڻا (1) قنبر (2) ڪاهي مينهي (3) مهي مڪولن ۾ آهن.

(3) ميڊيڪل ڪاتو – هي ڪاتو بيمارن ۽ مريضن لاءِ آهي، قنبر ۾ هڪ اسپتال آهي، جتي ڊاڪٽر رهن ٿا، جي مريضن جي دوا درمل مفت ڪن ٿا.

(4) تعليم ڪاتو – ٻارن کي تعليم ڏيڻ لاءِ سنڌي ۽ انگريزي اسڪول آهن. اسڪولن جي سنڀال لاءِ ائڊمنسٽريٽو آفيسر صاحب ۽ سپروائيزر جو هڪ انگريزي اسڪول پڻ آهي. پڻ ڪيترا خانگي مڪتب ۽ محمدن اسڪول آهن مٿائين تعليم لاءِ لاڙڪاڻہ ۾ هاءِ اسڪول آهي.

(5) انجنيئري ڪاتو – سرڪاري واهن ۽ جاين جي سنڀال لاءِ هڪ انجنيئر صاحب مقرر ٿيل آهي، جو لاڙڪاڻي ۾ رهي ٿو ان جي هيٺان اسسٽنٽ انجنيئر، سپروائيزر، داروغا، آبدار، مقدم ۽ بيلدار آهن، جي واهن جي سنڀال ڪن ٿا.

(6) ٽپال ۽ تار ڪاتو – خط پٽ موڪلڻ لاءِ ٽپال ڪاتو آهي، ٽپال آفيسون قنبر ۽ گهنڊڙ ۾ آهن ۽ قنبر ۾ تار آفيس بہ آهي.

(7) سنيٽري ڪاتو – ٻارن کي ٽڪن ڏيڻ لاءِ ويڪسينيٽر مقرر ٿيل آهن.



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

(8) **عدالتي ڪاتو** – جهيڙن جهٽن ۽ ڏيتيءَ ليتيءَ جي نبيرن ۽ چورن کي سزا ڏيڻ لاءِ عدالتي ڪاتو آهي. عدالت جو ڪم ريزيڊنٽ مئجسٽريٽ صاحب، مختيار ڪار صاحب ۽ هيڊ منشي صاحب ڪندا آهن، جي قنبر ۾ رهن ٿا، مگر ڏيتي ليتيءَ جون دعوائون لاڙڪاڻي جي سول ڪورٽ ۾ ٿينديون آهن. جنهن ۾ جج صاحب رهي ٿو.

(9) **ميونسپل** – جنهن شهر ۾ آدم شماري ٽن هزارن کان مٿي آهي، اتي هڪ رعيتي ماڻهن جي چونڊيل جماعت رهي ٿي، تنهن کي ميونسپل چئجي ٿو. قنبر ۾ هڪ ميونسپل آفيس آهي جا تعليم، روشنائيءَ ۽ صفائيءَ جو بندوبست رکي ٿي. ميونسپل ۽ لوڪلبورڊ جي عملدارن کي پريزيڊنٽ صاحب چوندا آهن.

(10) **لوڪلبورڊ**– قنبر شهر کان سواءِ باقي سمورو تعلقو لوڪلبورڊ ۾ اچي وڃي ٿو، ان جي سنڀال لاءِ هڪ خانگي ماڻهن جي چونڊيل جماعت آهي، جا تعليم، رستن، ڊڪن ۽ مسافرخانن جي سنڀال رکي ٿي. قنبر، رانوتيءَ ۽ دوست عليءَ ۾ ڊڪ آهن، جتي ڊڪ منشي رهن ٿا، جي رولو ڍورن کي ڊڪ ۾ بند رکندا آهن مسافرن لاءِ قنبر، گهنهڙ، گهوگهاري ۽ خيرپور جوسي ۾ مسافرخانا آهن.

## (29) مکيه ڳوٺ

(1) **قنبر** – هي تعلقي جو مکيه شهر آهي. هتي مختيارڪار صاحب، ريزيڊنٽ ماجسٽريٽ صاحب، پوليس صوبيدار صاحب، واهن جو اسٽنٽ انجنيئر صاحب ۽ ٻيا تعلقي جا عملدا رهن ٿا. هتي ميونسپالٽي، ٽپال ۽ تار آفيس آهي. هتان جي ڪتل مشهور آهي جا غئبي ديري ۽ ٻين پاسن ڏي موڪلجي ٿي.

(2) **خيرپور جوسو** – هي ڳوٺ جوسي مهاڻي جو ٻڌايل آهي. هتي مير صاحب جو ڪوٽ ۽ چانورن ڇڙڻ جي انجڻ آهي. هتي سنڌي اسڪول آهي. هن جي پرسان ڪڏ آهي، جتان ٻهِ جام نڪرندا آهن.

(3) **غئبي ديرو** – هي غئبي خان چانڊئي جو ٻڌايل آهي. هتي وڏا وڏا عملدار ٽڪر تي شڪر لاءِ وڃي رهندا آهن.

(4) **گهنهڙ** – هتي ٽپال، اسڪول ۽ چانورن ڇڙڻ جي انجڻ آهي. هتي وڏي ڪڏ آهي، جتان ٻهه جام نڪرندا آهن هتي جا سڳداسي چانور مشهور آهي.

(5) **گهوگهارو** – هتي اسڪول ۽ چانورن ڇڙڻ جي انجڻ آهي. هتي جا سڳداسي چانور مشهور آهن.

(6) **پير** – هتي اسڪول آهي. هن جي پرسان چگڙي جي ڍنڍ آهي، جتي وڏا وڏا عملدار ناقال جي ڏينهن ۾ شڪار ڪرڻ ايندا آهن.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

(7) دوست علي – هن جي پرسان وارھ برانچ کي فال موري پڏي، منجهائنس پنج نندييون شاخون ڪڍيون اٿن. هتي ڏک آهي ۽ هتي جا سگداسي چانور مشهور آهن.

## تعلقي قمبر جا تپا ۽ انهن جون ديهون

| نالو تپي جو | هر هڪ تپي جون ديهون |
|---|---|
| قنبر | (1) قنبر (2) فيض محمد سيال (3) باگوديرو. |
| ميل | (1) پولا ڪلهوڙا (2) گهوگهارو (3) پڪو. |
| ٻير | (1) ٻير (2) ڏيرا (3) گهتهڙ (4) هني. |
| ڪلر | (1) ڪلر (2) چگڙو (3) لڪتيا. |
| بوهڙ | (1) بوهڙ (2) ڏپ منو (3) پنا (4) ڪنور. |
| ميٽان | (1) ميٽان (2) هليا (3) رانوتي حاصلا. |
| مينهون | (1) مينهون (2) لشڪري چانديو (3) پرمي هينئين (4) پيروز پٽي. |
| جيئڻ ابڙو | (1) جيئڻ ابڙو (2) ننگر هڪڙو (3) اهير (4) عيسو. |
| دواگو | (1) دو آبو (2) ٻوٿو ابراهيم (3) ايلچي (4) ڪبريڙو. |
| خيرپور | (1) خيرپور جاگير (2) رتوڪوٽ (3) جاگير (4) نتر (5) شريفاٽي. |
| لاڪا | (1) لاڪا (2) وڏا (3) ڇڇڙا (4) ڪمال خان. |
| دوست علي | (1) دوست علي (2) چچا (3) جوٽيجا. |
| ڦتوهل واهه | (1) ڦتو هل واهه (2) اچا (3) محبت خان بلندي. |
| پنهوارو | (1) پنهوارو (2) ڪاهي مينهون (3) ٻنگر آچا |
| ڪور سليمان | (1) ڪور سليمان (2) ڪور ڪمال خان (3) ڪور حسن (4) ڪڙيومراد علي. |
| غئبي ديرو | (1) غئبي ديرو جاگير (2) ڏيرو جاگير (3) وڪڙيو جاگير (4) وارياسو جاگير (5) باغ جاگير (6) ڪارو هر جاگير (7) نوزمان جاگير |

نوٽ – ٻارن کي سيني ديهن ياد ڪرائڻ جو ضرور نه آهي، مگر پنهنجي تپي جون ديهون ياد ڪرائجن.

**سوال**

(1) ميل ۾ ڪهڙي پوک جام ٿئي ٿي؟

(2) ربيع ۾ ڪهڙيون پوکون ٿينديون آهن؟



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

(3) سپ ڪان سٺو ۽ سولو رستو زمين آباد ڪرڻ جو ڪهڙو آهي؟
(4) هن تعلقي ۾ ڪهڙن ڳوٺن ۾ ميلا لڳندا آهن؟
(5) روانگي جاڪي چئجي ۽ ڪهڙو سامان ٻاهران هتي اچي ٿو؟
(6) گهاڙ واهه، نورنگي واهه ۽ واره برانچ مان ڪهڙا ننڍا واهه نڪرن ٿا؟
(7) ٻه ڪهڙين ڍنڍن مان نڪرن ٿا؟
(8) جابلو ڀاڱي ۾ سارين جي پوک ڇو نه ٿي ٿئي؟
(9) توهان سڳداسي چانور ڪٿئون جا پسند ڪيو ٿا؟
(10) ڪاڇي ۾ سياري ۾ گهٽي ٿڌ ۽ اونهاري ۾ گهٽي گرمي ڇو ٿي ٿئي؟
(11) ميلن مان نقصان ۽ فائدا ٻڌايو؟
(12) نئن تڏهن وهي جڏهن ........................ پوي؟
(13) سڙڪن جي سنڀال لاءِ ...................... مقرر آهي؟
(14) حاجي شاهه اسماعيل وٽ هر سال ..................... جو ميلو لڳندو آهي؟
(15) ميل ۾ سرءُ جي ڏينهن ۾ ..................... جام ٿئي ٿي. ڇا جي ڪري جو ..................... جام ٿيندا آهن؟
(16) هيٺيان برابر آهن، ته هائو لکو جي غلط آهن ته درست ڪريو:
(1) رولو ڍورن کي تپدار بند رکندو آهي. (2) سرڪار پنهنجي نوڪرن کي پگهار اڳڙيل ڍل مان ڏيندي. (3) صوبيدار ٻنين جي ڍل وٺندو آهي. (4) ميونسپالٽي ملڪ ۾ امن امان جو بندوبست رکندي آهي.
(17) سنڌوندي نه هجي ته جيڪر ڇا ٿئي؟
(18) واهه جو ساڄو ۽ کاٻو ڪپ ڪيئن سهي ڪجي؟
(19) قنبر تعلقي جون ڍنڍون ۽ منجهائن فائدا ٻڌايو؟


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

# نئون اروگيه وگيان (علم صحت)

## ديباچو

عام تندرستيءَ بابت ٻين ٻولين ۾ سوين ڪتاب موجود آهن، پر سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ اهڙو ڪو سليس ڪتاب موجود ڪين هو. تنهنڪري هيءُ ننڍڙو ڪتاب ڪوشش وٺي سليس ٻوليءَ ۾ لکيو ويو آهي. اڪثري سمورين عام بيمارين جو سلسليوار بيان ڏنو ويو آهي ۽ بدن جي هر هڪ عضوي جي تشريح چٽائي سان سمجهائي ويئي آهي. مطلب ته هن ڪتاب تي عمل ڪرڻ سان ماڻهو بيمارين کان ڇٽي پوندو. اميد ته انگريزي چوٿين درجي ۽ سنڌي پنجين، ڇهين ۽ ورنيڪيولر فائينل امتحان لاءِ ڪارائتو ٿيندو. هن ڪتاب ۾ جيڪي شڪليون ڏنل آهن، تن کان ڪم وٺڻ ضروري آهي. اميد ته هن ڪتاب جو قدر نه فقط اسڪولي شاگرد ۽ ماستر صاحب ڪندا، پر عام ماڻهون پڙهي منجهانئس فائدو حاصل ڪندا.

*(علي خان – ايم – اي ۽ ڪندنداس وتومل نئناڻي 1936ع)*

### اروگيه وگيان يا علم صحت

هيءُ اهو علم آهي، جنهن جي وسيلي ماڻهو سڄي حياتي تندرست گذاري سگهي ٿو.

سچ پچ تندرست ماڻهو سڀ ڪجهه حاصل ڪري سگهي ٿو. دنيوي خواهه ڌرمي ڪارج تندرستيءَ سان حاصل ٿي سگهن ٿا. تندرستيءَ جي قاعدن موجب جيڪڏهن ڪو به ماڻهو بلڪل پورو هلندو، ته اهو پوري عمر ماڻيندو. ”يڪ تندرستي هزار نعمت“ ڪنهن ماڻهوءَ ڪي ڪيترو به ڌن دولت هجي ۽ ڪيس بيشمار سک هجن، پر جيڪڏهن تندرست نه آهي، ته اهي سڀ زهر سمان آهن. تنهنڪري اهڙن املهه قاعدن جو ڄاڻڻ ضروري آهي. اهي قاعدا هن ننڍڙي ڪتاب ۾ ڄاڻايل آهن، جن تي عمل ڪرڻ سان اميد ته بيمارين جي تڪليفن کان ڇٽي پوندا ۽ ڊاڪٽرن ۽ حڪيمن جي خرچن کان به ڇٽي پوندا.



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

جڏهن اسين چڱا ڀلا آهيون، تڏهين پنهنجو ڪم ڪار ته ڪري سگهون ٿا، پر ٻين کي به مدد ڏيئي ٿا سگهون. بيماري اسان کي نستو ڪري ڇڏي ٿي ۽ اسين متن مائٽن تي بوجهه ٿي پئون ٿا.

## پاڱو پهريون (بدن جي بناوٽ)

**بدن جي ٻاهرين بناوٽ:**

ظاهري ڏسڻ ۾ ايندو ته اسان جو بت مکيه ٽن پاڱن ۾ ورهايل آهي: (1) سسي (2)ڌڙ (3) عضوا يعني ٻه ٽنگون ۽ ٻه ٻانهون.

**بدن جي اندرين بناوٽ:**

جهڙيءَ طرح گهر ٺهرائبو آهي، ته پهريائين ڪامون، پٽيون ۽ ٿنيا جڙبا آهن، ان جي مٿان پترون ۽ ٺوٺا وجهبا آهن، تنهنجي مٿان وري پلستر ڏياربو آهي، اسان جي بدن جي بناوٽ به ساڳيءَ طرح آهي.

پهريائين هڏن جي جڙت ٿيل آهي ۽ ان جو پڃرو ٺهيل آهي، ان جي مٿان رڳون چڙهيل آهي، جنهن کي اسين عام طرح ماس چوندا آهيون، ان ماس ۾ ڳاڙها رت واهڻ ۽ اڇون نسون آهن، جن جي مٿان نيرا رت واهڻ آهن، ان ماس جي مٿان وري چرٻيءَ جو سنهو تهه آهي، جنهن جي مٿان چمڙي آهي، جا اسان کي ڏسڻ ۾ ٿي اچي.

**هڏا**

هڏن جي پڃري ۾ اٽڪل ٻه سؤ هڏا آهن، جي هيٺينءَ ريت جڙيل آهن:

(1) کوپڙيءَ جا هڏا: هن ۾ اٺ هڏا ڳنڍجي هڪ ٺانو جي مثل ٿي پيا آهن، جنهن جي خال ۾ مغز محفوظ رکيل آهي.

(2) چهري جا هڏا: هن ۾ چوڏهن هڏا ڳنڍيل آهن، جن مان جاڙيءَ جو هڏو چري پري سگهي ٿو، جنهن ڪري کاڌي چٻاڙڻ ۾ سولائي ٿئي ٿي.

(3) ڳچيءَ جا هڏا: هن ۾ 8 هڏا آهن، جن مان هڪ اڳيان مٽڪي مٿان آهي، باقي ست پٺيان ڪرنگهي سان لاڳو آهن، جن کي ريڙهون چئبو آهي.

(4) ڇاتيءَ جا هڏا: هن ۾ 64 پاسريون، هڪ ڇاتيءَ جي هڏي ۾ 12 ڪرنگهي جون ريڙهون جملي 37 هڏا گڏجي هڪ پڃرو ٺاهين ٿا جنهن کي سينو چئبو آهي. ڇاتيءَ جي خال ۾ ڦڦڙ، دل، هوا ۽ کاڌي جون نليون رکيل آهن.

(5) چيلهه جا هڏا: هن ۾ پنج مضبوط ڪرنگهي جون ريڙهون ڳنڍيل آهن. بدن جو ڪي گهڻو بار هنن هڏن تي رکيل آهي.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

(6) پولهه جا هڏا: هن ۾ ڏاک جا هڏا، هڪ ڏونگري، هڪ دمچي جملہ 4 هڏا ليکجن ٿا. مگر حقيقت ڪري ڏونگريءَ ۾ 5 ڪرنگهي جون ريڙهون ۽ دمچيءَ ۾ 4 ريڙهون اهڙيءَ طرح مضبوط ڳنڍيل آهن، جو ڏونگري خواه دمچي هڪ هڪ هڏو سمجهجن ٿا.

(7) ٻانهن جا هڏا: هر هڪ ٻانهن ۾ هيٺينءَ ريت هڏا آهن: هسليءَ ۾ 1، ڦٽيءَ ۾ 1، ڏوري ۾ 1، بڪيءَ ۾ 2، ڪرائي ۾ سنها هڏا 8، تريءَ ۾ 5، آڱرين ۾ 14 جملہ 32، ٻنهي ٻانهن ۾ 64 ٿيا.

(8) ٽنگن جا هڏا: هر هڪ ٽنگ ۾ هيٺينءَ ريت هڏا آهن: ستر ۾ 1، (جو بدن جي سيني هڏن کان وڏو آهي) گوڏي جي ڍڪڻيءَ ۾ 1، ٽنگ ۾ 2، ڪڙيءَ ۽ پير جي ڪنڊي ۾ 7، پير جي تريءَ ۾ 5، آڱرين ۾ 14، جملہ 30، ٻنهي ٽنگن ۾ 60 ٿيا.

## سڀ هڏا هن ريت آهن

ڪوپڙيءَ ۾ 8، منهن ۾ 14، ڳچيءَ ۾ 8، ڇاتيءَ ۾ 37، چيلهه ۾ 5، پولهه ۾ 4، ٻانهن ۾ 64، ٽنگن ۾ 60 ڪل 200 جوڙ.

نوٽ 1: هڏائين پيجري ۾ انهيءَ ريت 200 هڏا ليکبا آهن، مگر در حقيقت 207 هڏا آهن، ڇو تہ ڏونگريءَ ۾ 5 ۽ دمچيءَ ۾ هڏا 4 ڳنڍيل آهن، جي مٿئين تفصيل ۾ هڪ هڪ ڪري لکيل آهن.

نوٽ 2: نازڪ عضون واسطي بدن ۾ مکيہ ٽي خال رکيل آهن: (1) ڪوپڙيءَ جو، جنهن ۾ مغز رکيل آهي. (2) پٺيءَ جي ڪنڊي ۾ نريءَ وانگر خال، جنهن مان ڏورو لنگهي ٿو. (3) ڇاتيءَ وارو پور، جنهن ۾ دل ۽ ڦڦڙ رکيل آهن.

## ڪرنگهو يا پٺيءَ جو ڪنڊو

ننڍين 33 پورن هڏن جي زنجيري نهيل آهي، جن کي ريڙهون (ڪڙيون) چوندا آهن: جن مان 7 ڳچيءَ ۾ 12 ڇاتيءَ ۾ 5 چيلهه ۾ 5 ڏونگري ۾ 4 دمچيءَ ۾ شمار ٿيل آهن. ڪرنگهي ۾ اندران خال آهي، جنهن مان ميڄالي جو ياڳو ڇيچ جهڙو ٿلهو پچ وانگر ڏورو بنجي ڏونگري تائين وڃي ٿو، جنهن کي مغزي ڏورو چئبو آهي. پٺيءَ جو ڪنڊو جيڪڏهن يڪو هجي ها تہ بدن کي ورائڻ ڦيرائڻ ۾ تڪليف ٿئي ها.

## هڏن جي بناوت

ڪو بہ ڏکهو هڏو ڏيگهہ ۾ چيربو تہ ان ۾ (1) ٻاهران نهرو حصو (2) اندران پورو حصو (3) وڏو خال ڏسڻ ۾ ايندا. (جيئن شڪل ۾ آهي) ڇوٽي هڏي ۾ خال ڪو نہ ٿئي، مگر ٻاهران نهرو حصو ۽ اندران پورو حصو ٻئي ڏسبا انهيءَ مان ڏسبو تہ سڀ هڏا پورا


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

آهن انهيءَ ڪري هڏا هلڪا ۽ مضبوط آهن. جيئن ڌاتوءَ جا پورا ٿنيا نهرن کان وڌيڪ بار جهليندو آهن. جي هڏا نَهرا هجن ها ته ڳرا ٿين ها ۽ پاڻ ڪٽڻ ڏکيو ٿئي ها ۽ جتاءُ به ايترو نه ڪن ها. جيئن هينئين تجربي مان معلوم ٿيندو: پٽي جا به هڪ جيڏا اڌ ڪٽو. هڪ رول تي ويڙهي، ان مان پورو ٿنيو ٺاهيو ۽ ٻي اڌ کي سنهي تار تي ويڙهي نهرو ٿنيو تيار ڪيو. ٻنهي جي وچ تي بار ٽنگي ڏسندا، ته پورو ٿنيو نهري کان وڌيڪ بار جهلي سگهندو. (ڏسو شڪل ۾)




2 – هڏي کي جاچي ڏسبو ته پورن ۾ ٿنيڻ جهڙو نرم مال آهي، يعني هڏا پٿر جهڙي سخت شيءِ ۽ ٿنيڻ جهڙي نرم مال جا ٺهيل آهن. اهو نرم مال هڏن کي طاقت ڏيندو رهي ٿو. جڏهين ڪو به هڏو ڀڄي پوندو آهي، ته انهيءَ مال جي ڪري سولائي سان ڳنڍجي سگهندو آهي. ننڍيءَ عمر ۾ اهو نرم مال هڏن ۾ گهڻو ٿئي ٿو، جنهن ڪري ٻارن جا هڏا ڪچڙا ۽ نرم ٿيندا آهن، مگر جيئن ماڻهو عمر ۾ وڌندو وڃي ٿو، تيئن نرم مال گهٽبو وڃي ٿو، جنهن ڪري ٻڍن جا هڏا سخت ٿين ٿا، جي ڪمزور ۽ جلد ڀڄڻ جهڙا آهن.

تجربو 1 – هڪڙو هڏو ڪٽي ان کي باهه تي رکو، ته ٿوري وقت ۾ ٿنيڻ جهڙي شيءِ بانس ڪري سڙي نڪري ويندي. پوءِ هڏو ٺاري ان کي ٿورو زور ڏيندا ته هڪدم ڀڄي پوندو.

تجربو 2 – ٻيو هڏو ڪٽي تيزاب گڏيل پاڻيءَ ۾ هڪ به ڏينهن رکندا، ته پٿر وارو سخت ڀاڱو ان ۾ ڳري ناس تي ويندو، باقي ٿنيڻ جهڙي شيءِ وڃي بچندي پوءِ تيزاب مان هڏو ڪڍي ڏسندا ته رٻڙ وانگر ٻيو رڙندو.

اهي ٻئي ڀاڱا ۽ پورائي جي خاصيت گڏجي هڏي کي مضبوط ۽ هلڪو ڪن ٿا.

## هڏن مان فائدا

(1) بدن جي بيهڪ ۽ شڪل جو مدار هڏن تي آهي، انهن کان سواءِ جيڪر اسان


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

جي شڪل بي ڊولي ٿي پوي ۽ جيڪر اٿي ويهي به نه سگهون. (2) گوشت کي جهلڻ لاءِ هڏا آڌار آهن. (3) هڏا رڳن جي وسيلي چرپر ڪري سگهن ٿا. جنهن ڪري اسين ڪو به ڪم سولائيءَ سان ڪري سگهون ٿا. (4) هڏن جي ڪري بدن ۾ طاقت ٿئي ٿي، جنهن ڪري هلڪي سلڪي ڌڪ لڳڻ ڪري عضوا چپا نٿا ٿين. (5) هڏا نازڪ عضون جو بچاءُ آهن: جيئن کوپڙيءَ جي پور ۾ مغز، ڇاتيءَ جي پور ۾ ڦڦڙ ۽ دل ۽ ڪرنگهي جي پور ۾ مغزي ڏورو ۽ ٻين پورن ۾ ڪليون ڪاڪڙو، زبان، اکيون وغيره سلامت رکيل آهن. (6) اسان جي ڊگهن هڏن (نرين) ۾ جو گورو آهي، سورت جا ڳاڙها جزا ٺاهيندو آهي.

هڏن جا ڳنڍ ۽ سنڌ

جتي هڏا پاڻ ۾ گڏجن ٿا، تتي سنڌ آهن. سنڌ وٽ مضبوط چلڪندڙ اچا ڌاڳا آهن، جي هڏن کي ڳنڍين ٿا، انهن کي ٻنڌيون يا بند چئبو آهي. هڏن جا سنڌ جدا جدا نموني جا آهن جيئن ته:

(1) درزن وارا سنڌ - هي چرن پرن اصل ڪين، جيئن کوپڙي جون درزون.

(2) انجيسي سنڌ - جي در جي طاق وانگر پنجي ۽ پورجي سگهن ٿا، جيئن گوڏي ۽ ٺونٺ وٽ.

(3) گولي ۽ پيالي وارا سنڌ - جن ۾ هڪ هڏي جو گول مٿو ٻئي جي پيالي جهڙيءَ پيڙيءَ ۾ پيل هوندو آهي، جيئن ڪلهي ۾ ڍاڪ وارا سڌ.

(4) ڦرٽا سنڌ - مثلا مٽڪي وارو سنڌ جنهن تي مٿو سڄي ڪٻي ڦري سگهي ٿو.

## هڏا ورائڻ ڦيرائڻ ۾ چونه ٿا آواز ڪن

(1) جيئن ڪلن کي تيل ڏبو آهي، ته چڱيءَ طرح ڪم ڪن ۽ آواز نه ڪن، تيئن سنڌن وٽ سٽپ جون ڳوٿريون رکيل آهن، جتان سنڌن کي پاڻمرادو سٽپ پيو ملي.

(2) هڏن جون پچڙيون تمام لسيون آهن.

(3) پچڙين تي چلڪندڙ پوش چڙهيل آهي، جنهنڪري هڏا ورائڻ ۾ سندن وٽ آواز نه ٿا ڪن.

## سوال

1 – بدن جي اندرين ٻاهرين بناوٽ ڪولي سمجهايو.

2 – هڏن جا مکيه خال ۽ منجهائن فائدا ٻڌايو.

3 – هيٺين تي نوٽ لکو.

ڪرنگهو – هڏن جي بناوٽ – هڏن جا سنڌ


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

4 — ثابت ڪيو "يڪ تندرستي هزار نعمت"
5 — هڏن مان ڪهڙا فائدا آهن، ۽ پڻ ٻڌايو ته عضون کي ورائڻ ڦيرائڻ ۾ هڏا آواز ڇو نه ٿا ڪن.

## مشڪون يا رڳون (گوشت)

اسان جو گوشت تاندورن جو ٺهيل آهي، جيئن ته وڏيءَ ٻڪريءَ جي گوشت ۾ (رنڌڻ کان پوءِ) اهي تاندورا ظاهر ڏسبا آهن، جن کي رڳون يا مشڪون چئبو آهي.

ضرورت: (1) اسان جي چرڻ پرڻ ۽ ڪم ڪرڻ جو مدار رڳن تي آهي، جن کان سواءِ هڏائون پيرو ڪجھ ڪري نه سگھندو. (2) رڳون هڏن کي طاقت ۽ چرپر ڪرڻ لاءِ سٽ موجود ڪري ٿيون ڏين. (3) رڳن جي ڪري هڏا ڍڪيل رهن ٿا، جنهن ڪري بدن سهڻو نظر اچي ٿو.

قسم: رڳن جا ٻه قسم آهن: (1) هڪڙيون مغز جي حڪم تي ڪم ڪندڙ مثلا ٻانهن ۽ ٽنگھ جون رڳون، جي مرضيءَ موافق چورجن ٿيون. (2) ٻيون پاڻمرادو ڪم ڪندڙ مثلا ڦڦڙ، دل ۽ هاضمي وارا عضوا، جي ننڊ جي حالت ۾ به برابر ڪم ڪندا رهن ٿا. جيڪڏهن انهن رڳن کي ڪم ڪرڻ لاءِ قدرتي حڪم مليل نه هجي ها ۽ مغز جي حوالي هجن ها، ته جيڪر مغز کي آرام ڪرڻ جي فرصت به نه ملي ها، جنهن ڪري ننڊ به نه ڪري سگھجي ها ۽ مغز ضعيف ٿي پوي ها، تنهن لاءِ اها ڌڻي تعالىٰ جي خاص مهرباني آهي، جو جن رڳن تي اسان جي جيئاپي جو مدار آهي، تن کي پاڻمرادو ڪم ڪرڻ جي شڪتي ڏيئي ڇڏي اٿس.

## رڳن جو ڪم ڪرڻ

رڳن ۾ رت واهڻ گڏيل آهن، جن ۾ رت هميشه پيو مٽ سٽ ٿئي، اهو رت رڳن کي هميشه طاقت ڏيندو رهي ٿو، جنهن ڪري رڳون ڪم ڪن ٿيون.

جيئن رڳن ۾ طاقت وڌيڪ آهي، تيئن منجهن ڪم ڪرڻ جي توفيق گهٽي ٿئي ٿي.

مزور ۽ ڪاريگر جي گهڻو ڪم ڪن ٿا، تن جون رڳون بلڪل مضبوط ۽ طاقت واريون ٿين ٿيون، مگر منشي ۽ ماستر جي بدني ڪم نه ٿا ڪن، تن جون رڳون ضعيف ٿين ٿيون. ساڳيءَ طرح ملھ ۾ ڪثرت ڪرڻ وارن جون رڳون به مضبوط ٿين ٿيون، ان جو سبب هي آهي، جو ڪثرت ۾ ڪم ڪرڻ سبب رڳون رت مان وڌيڪ طاقت ڇڪن ٿيون، جنهن ڪري زور واريون ٿين ٿيون، تنهنڪري ڪثرت ڪرڻ بلڪل ضروري آهي.

تجربو- ٻانهن ورائي ٻيٺي ڪجي، ته ڏوري وٽ ماس ڳوڙهو ٿيل نظر ايندو، اهو رڳن جي سسڻ ڪري ٿئي ٿو، وري ٻانهن سنئين ڪبي ته رڳون وڏي وڏيون


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ٿينديون، اهڙيءَ طرح رڳون جڏهن ربڙ وانگر وڏي ۽ سسي سگهن ٿيون، تڏهن ڪم ڪن ٿيون. رڳن جو مکيه ڪم آهي سسڻ ۽ وڌڻ.

## سوال

1 – رڳون ڇا آهن، تن جو بيان ڪولي ٻڌايو؟
2 – رڳن جا مکيه گهڻا قسم آهن، ۽ انهن جا ڪهڙا ڪم آهن؟
3 – رڳن ۽ رت واهڻ ۾ تفاوت ڪولي ٻڌايو؟
4 – رڳن کي مضبوط رکڻ لاءِ ڇا ڪجي؟

## تنتي سرشتو

1 – جيئن لشڪر ۾ سپه سالار سڄي لشڪر تي ضابطو رکي ان کي هلائيندو آهي، تيئن اسان جي بدن ۾ مغز سپه سالار آهي، جو تنتن جي وسيلي سڄي بدن تي ضابطو رکي ان کي هلائي ٿو.
2 – جيئن ريلوي جي مرڪزي ٽيليفون هر هڪ اسٽيشن سان ڳنڍيل آهي ۽ اتي ويٺل ڪنٽرولر (ڪم سنڀاليندڙ) سڀني کي وقت بوقت حال احوال ڏيئي وٺي سگهي ٿو ۽ سڄي ريلوي جو ڪاروبار هلائي ٿو، تيئن مغز مان به تنتون ڦٽن ٿيون، جي سڄي بدن ۾ هر هڪ رڳ سان ڳنڍيل آهن، جن جي وسيلي مغز سڄي بدن تي ڪلي اختيار هلائي ٿو. مکيه نس مغز مان نڪري پٺيءَ جي ڪنڌي جي ڏوري مان وڃي ٿي، جنهن مان ٻيون ڪيتريون نسون ڦٽن ٿيو.

مغز جو بيان: مغز يا ميڄالو کوپڙيءَ ۾ رکيل آهي. هي اڇيري پوري رنگ جو نرم آهي. هن ۾ مروٽيل رومال وانگر گهنج گهنج ٿين ٿا، جيئن مغز ۾ گهنج گهڻا تيئن سمجهه تيز ٿئي ٿي، ماڻهوءَ جي مغز ۾ ٻين جانورن کان گهنج گهڻا ٿين ٿا، اهو ئي سبب آهي جو ماڻهوءَ جي سمجهه ٻين ساهه وارن جي سمجهه کان وڌيڪ آهي. مغز جا چار ڀاڱا آهن: (1) وڏو مغز (2) ننڍو مغز (3) مستطيل مغز (4) مغزي ڏورو.

## مغز ۽ سندس ڀاڱا

(1) وڏو مغز :- هي کوپڙيءَ جو گهڻو حصو والاري ٿو ۽ ننڍي مغز کان اتوٽو آهي. سندس ڪم آهي، خيال ڪرڻ، ارادو ۽ فيصلو ڪرڻ، خوشي، ڏک ۽ ڪاوڙ ڪرڻ جي مکيه جاءِ به هيءَ آهي، اهو ئي سبب آهي، جو انسان جو مغز هاٿيءَ جي مغز کان به وڏو ٿئي ٿو.
(2) ننڍو مغز :- هي وڏي مغز جي پٺيان ۽ هيٺيرو آهي. سندس ڪم آهي، رڳن کي پوريءَ طرح ضابطي ۾ رکڻ ۽ انهن کي هلائڻ، هن مان خاص تارون نڪرن


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ٽيون، جن جي وسيلي اسين ڏسي ٻڌي ۽ چکي سگھون ٿا ۽ اکين جا تارا، ڇپ ۽ ڳچي چوري پوري سگھون ٿا.

(3) **مستطيل يا پل مغز :-** هي مٺڪي جي سنڌ وٽ آهي ۽ ميڄالي کي ڏوري سان پل وانگر ڳنڍي ٿو، هن ۾ مکيه ۽ پاڻ مرادو ڪم ڪندڙن عضون جيئن ته دل، ڦڦڙ، وغيره جا مرڪز رکيل آهي، جي هي ضربجي پيو ته دل هڪدم بيهجي ويندي، جنهنڪري ماڻهو مري ويندو آهي.

قاسيءَ ڏيڻ ڪري جو ماڻهو يڪدم مري ويندو آهي، سو بہ انهيءَ ڪري جو مستطيل مغز جي چيپاڄڻ ڪري ۽ مٺڪي ٽٽڻ ڪري دل يڪدم بيهجي ويندي آهي.

(4) **مغزي ڏورو :—** هي مستطيل مغز مان نڪري ٿو ۽ چيچ جهڙو ٿلهو آهي ۽ 18 انچ کن ڊگھو آهي، پٺيءَ جي ڪنڊي مان وچان ئي وچان هيٺ دڌ تائين وڃي ٿو ۽ هر هڪ ڪڙيءَ وٽان ٻنهي پاسي تنتون ڦٽن ٿيون، جي سڄي بدن ۾ پکڙيل آهن.

**ڏوري جا ڪم :—** هن جا مکيہ ٽي ڪم آهن :— (1) نائب آفيسر وانگر بدن جا پيغام مغز کي پهچائڻ، (2) مغز جا حڪم بدن ڏي موڪلڻ ۽ (3) بعضي پنهنجي هيڊ آفيس (مغز) کان روءِ سوءِ ٽي ڪم ڪرڻ. اهو پويون ڪم ڏورو هئين ٿو ڪري:— سمجهو تہ ڏک لڳڻ سبب ڏورو ڪيڇجي پوي ٿو. انهيءَ وڍ جي هيٺئين ڀاڱي سان جيڪي بہ عضوا ڳنڍيل هوندا، تن جو لاڳاپو مغز سان ٽٽي پوندو، پوءِ تہ مغز جو حڪم تنتن کي پهچي ڪين سگھندو ۽ نکو تنتن جو نياپو مغز کي ملي سگھندو. تنهن هوندي بہ ڏسڻ ۾ آيو آهي، تہ جيڪڏهن ڪو پير کي ڏک هٽندو آهي، تہ بروقت سڌ پوندي آهي، جيتوڻيڪ مغز سان واسطو ٽٽل هوء، تہ بہ اهو ڪم ڪنهن ڪيو؟ اهو ڪم خود ڏوري ڪيو. اهو آهي ڏوري جو خود مختيار ٽي ڪم ڪرڻ.

اهڙي قسم جا گھٽيئي ڪم آهن، جن ۾ مغز بهرو ڪين ٿو وٺي، رڳو ڏورو ئي ڪم پورو ڪري ڇڏي ٿو، جيئن تہ ڪو جيت اک جي ويجهو ايندو مس آهي، تہ اک بند ٿي ويندي آهي. ننڊ ۾ جڏهين مغز آرام ۾ هوندو آهي، تڏهين جيڪڏهين پير ۾ ڪو ڪتڪتائي ڪندو آهي، تہ يڪدم پير پري ٿي ويندو آهي، اهو ڪم بہ ازخود ڏوري ڪيو. مغز توڙي سڀ عضوا ننڊ ۾ هوندا تہ بہ هيءُ ڏورو پيو ڪم ڪندو آهي.

## تنتون

هي باريڪ اڇا ڌاڳا آهن، جي ٻن قسمن جون آهن:—

(1) هڪڙيون پيغام پهچائيندڙ يعني حس واريون تنتون. (2) حڪم پهچائيندڙ يعني تحرڪي تنتون.

(1) حس واريون تنتون- جي سڄي بدن مان خبرون ڪٺي مغز کي رسائن ٿيون،


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

جنهن ڪري اسان کي ڪوسين، ٿڌين، نرم ۽ ڏاڍين شين جو تفاوت معلوم ٿئي ٿو ۽ ايذاءَ جي خبر پوي ٿي.

(2) تحرڪي تنتون- هي مغز جو حڪم وٺي، رڳن کي پهچائن ٿيون، جنهن ڪري رڳون سسي چرپر ڪري ان حڪم جي پيروي ڪن ٿيون.

مثال:- سمجهو ته ڪنهن هنڌ مڇر چڪ هڻي ٿو، ته ان هنڌ جون حس واريون تنتون يڪدم مغز کي خبر ڏين ٿيون ۽ مغز تحرڪي تنتن جي وسيلي هٿ جي رڳن کي حڪم موڪلي ٿو، جنهنڪري مڇر کي هڪاليو وڃي ٿو، اها ڪاروائي يڪدم ٿئي ٿي.

نوٽ :- وارن ۽ نهن ۾ تنتون ڪو نه آهن، جنهن ڪري ڪترائڻ ۾ ايذاءُ نه ٿو ٿئي.

## سوال

1 – مغز ڇا آهي ۽ سندس مکيه ڀاڱا ٻڌايو؟
2 – انسان جي وس ۾ سموارا زور وارا جانور ڇو ٿا رهي سگهن؟
3 – تنتن جا قسم ۽ سندن ڪم ٻڌايو؟
4 – وڏي مغز جي بناوت کولي سمجهايو؟
5 – وارن ۽ نهن ڪترائڻ وقت ايذاءُ ڇو نه ٿو اچي، سو ڇو؟

## کاڌو ۽ هاضمون

کاڌو جيڪو اسين کائون ٿا، سو سڄو هضم ٿي، هڪڙي طاقت واري رس ٿي، نلين جي وسيلي وڃي رت سان ملي ٿو. اهو کاڌو به اندر رڳون هضم ڪن ٿيون.

ضرورت- جهڙي طرح انجڻ ۾ اڱر وجهبا رهبا، ته ٻاڦ پيئي ٻرندي، مگر جي اڱر وجهڻ بند ڪبا، ته هوريان هوريان ٻاڦ وسامي ويندي ۽ انجڻ ڪم ڪرڻ کان بيهجي رهندي. ساڳيءَ طرح بدن جي گرمي قائم رکڻ لاءِ کاڌي جي ضرورت آهي، جنهن ڪري اسان زنده رهي سگهون ٿا.

1 – سياري جو اگرچ ٻاهر تمام ٿڌ هوندي آهي، ته به تندرست ماڻهوءَ جي گرميءَ جو درجو ساڳيو اونهاري وارو (98.04) درجا رهي ٿو. ڇا لاءِ جو اسان جو بدن هميشه بتيءَ وانگيان پيو سڙي ۽ گهربل گرمي پيو پيدا ڪري، فقط تفاوت رڳو اهو آهي، جو بتي مان لاٽ نڪري ٿي، مگر اسان جي بدن مان لاٽ ڪان ٿي نڪري سو انهيءَ ڪري، جو بتيءَ جي گرمي هڪ هنڌ ڪٺي ٿيل آهي ۽ اسان جي بدن جي گرمي سڄي بدن ۾ پکڙيل آهي.

2 – ڪم ڪرڻ يا فقط خيال ڪرڻ سبب بدن ۾ کوٽ پيدا ٿئي ٿي، جنهن ڪري مرمت يا پورائي ڪرڻ لاءِ اسان جو بدن کاڌي جي طلب ڪري ٿو، تنهنڪري


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

کاڌو بدن جي ڪوت پري ٿو.

3 – ننڍين ٻارن جي حالت ۾ بدن واڌ جو ڪم بہ ڪري ٿو. بڪايل ٻار بدن ۾ ضعيف رهندو آهي ۽ واڌ دير سان ڪندو آهي.

### ڪاڌي جا قسم

اسين جيڪو کائون ٿا، سو چئن قسمن جو آهي:

(1) **مٺاڻ-** هيءُ ٻن قسمن جا آهن: هڪڙا سڌا مٺاڻ جي – چکڻ سان مٺا لڳن، جيئن تہ – کنڊ، ڳڙ، انگور وغيره. ٻيا مرڪب مٺاڻ – جي فقط هاضمي وارين رسن سان ملي مٺا ٿا لڳن، جيئن تہ ڪٽڪ، چانور، پٽاٽا، کير، وغيره جن ۾ نشاستو موجود آهي. ڏنو اٿو تہ ڪٽڪ جي ماني وات ۾ ڪجھ وقت چٻاڙڻ کان پوءِ مٺي لڳندي آهي. مٺاڻ واريون اهي گرمي پيدا ڪندڙ ۽ طاقت ڏيندڙ شيون آهن.

(2) **نائٽروجني شيون-** جيئن تہ داليون، کير، ڏڌ، پنير، گوشت، بيضا، مڇي، پکي، سايون ڀاڄيون وغيره اهي کاڌا ماس وڌائين ٿا ۽ ڪوت جو پورائٽو ڪن ٿا.

(3) **سٽپ- جهڙوڪ:** گيهہ، تيل، مکڻ، ملائي، باداميون، چرٻي، بيضن جي زردي وغيره اهي گرمي پيدا ڪندڙ شيون آهن.

(4) **معدني شيون-** پاڻي، لوڻ ۽ لوڻ جهڙيون شيون، جي کاڌي کي هضم ڪرڻ ۾ مدد ڪن ٿيون ۽ هڏن جوڙڻ لاءِ ڪم اچن ٿيون.

### هاضمي وارا عضوا

(1) وات (2) معدو (3) ننڍيو آنڊو (4) وڏو آنڊو.

### ڪاڌي جو هضم ٿيڻ

(1) وات- جڏهن ڪاڌو ڏندن سان چٻاڙجي ٿو، تڏهن پِڪ (هڪ قسم جي رس) ڪاڌي ملي ٿي، جنهنڪري ڪاڌو منو ۽ نرم ٿئي ٿو ۽ ڳهڻ ۾ سولائي ٿئي ٿي. انهيءَ پِڪ ۾ نشاستي جهڙي مال کي هضم ڪرڻ جي طاقت رکيل آهي، جنهنڪري ڪاڌو منو ٿي پوندو آهي، چاڪاڻ تہ پِڪ جي گڏجڻ ڪري ڪاڌي مان مٺاڻ نهندو آهي، انهيءَ ڪري هن حالت ۾ ڪيس کنڊ جي حالت سڏيو آهي. تنهنڪري ڪاڌو جيئن گهڻو چٻاڙبو، تيئن ساڻس پِڪ گهڻي گڏبي ۽ نرم ٿيندو. تندرستيءَ جو قاعدو آهي، تہ ڪاڌو ايترو چٻاڙجي جيئن ڳهڻ ۾ تڪليف اصل نہ ٿئي، پوءِ ڪاڌو نرم ٿي کنڊ جي حالت وٺي نڙيءَ مان هيٺ لهي، معدي ۾ ايندو آهي.

### ڏندَ ۽ سندن بناوت



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

وات ۾ ڏند آهن، جي کاڌي کي چٻاڙي سنهون ڪن ٿا.

ڏندن جا قسم- اسان جي وات ۾ ٻه ڄاڙيون آهن، هر هڪ ڄاڙيءَ ۾ 16 ڏند آهن، جن مان 4 چيترا، 2 ڏِکيا ۽ 10 هوڙون آهن. چيترن ۽ ڏکين ڏندن جو ڪم آهي کاڌي کي ٽڪر ٽڪر ڪرڻ ۽ هوڙن جو ڪم آهي، کاڌي کي پيهي سنهو ڪرڻ. پيٺل کاڌو سڄي کاڌي کان جلد هضم ٿئي ٿو، جيئن پيٺل شيءِ پاڻيءَ ۾ جلد ڳري وڃي ٿي.

ڏندن جي بناوت: ڏند کي اڀو چيربو ته اسان جا 3 ڀاڱا ڏسبا:

1 – چينيءَ وارو ڀاڱو

2 – اندرين ڏند

3 – ڏند جو ڳپ

4 – رت واهڻ

5 – سور پڌائيندڙ تنتون

(1) چينيءَ وارو ڀاڱو- جو تمام سخت ٿئي ٿو ۽ اندرئين ڀاڱي جو بچاءُ آهي.

(2) اندريون ڏند- هي هڏي جو نهيل آهي.

(3) ڳپ وارو ڀاڱو- هن ۾ نرم مال آهي، جو ڏندن کي طاقت ڏئي ٿو. هن ڀاڱي ۾ رت واهڻ ۽ سور جي نياپي پهچائڻ لاءِ تنتون رکيل آهن.

ڏندن کي مهارن ۽ وٿين وٽان خرابي رسندي آهي، جنهن ڪري چيني ۽ هڏي وارو ڀاڱو ڪاڇي ويندا آهن، جنهن ڪري ڳپ وارو ڀاڱو وائکو ٿي پوسڙندو آهي.

ڏندن جي خرابيءَ جا سبب- (1) کاڌي جا ذرڙا وٿين ۾ اٽڪي، ڪنا ٿي، ڏندن کي خراب ڪن ٿا. (2) پيلو ته جو چپ ۽ ڏندن تي ٺهندو آهي، ليڪن اهي سنهڙا جيوڙا ٿين ٿا. (3) پان سوپاري کائڻ: انهن جا جزا وٿين ۾ رهي، ڏندن کي ساڙي ڇڏيندا آهن.

ڏندن جي صفائي- روز صبح ۽ شام تازي ڏندڻ سان ڏندن کي صاف ڪرڻ گهرجي ۽ هفتي ۾ هڪ دفعو ڪوڙو تيل هڻجي، ته جيوڙا اصل نه رهندا. چڱيءَ طرح کاڌو چٻاڙي کائڻ ڪري ڏندن کي ورزش به ملي ٿي، جنهن ڪري مضبوط رهندا.

(2) معدو- هي رڳن جو نهيل آهي، جي ربڙ وانگر گهٽيون وڌي ۽ سسي سگهن ٿيون. منجهانئس اندر تمام گهٽيون نليون آهن، جن ۾ کاڌي هضم ڪرڻ لاءِ پچڻ رس نهي ٿي. معدي کي ٻه منهن آهن: هڪ مٿان کاڌي جي نليءَ سان، ٻيو ساڄي پاسي ننڍي آنڊي سان ڳنڍيل اٿس. معدي ۾ جڏهن کاڌو اچي ٿو، تڏهن معدو سسي ۽ ڦنڊبي ٿو، جنهن ڪري کاڌو چلڪجي پائمال ٿو ٿئي ۽ ساڻس پچڻ رس ڳڏجي ٿي. هتي کاڌو ٿي چار ڪلاڪ رهي ٿو ۽ پچڻ رس جي ڳڏجي وڃڻ ڪري کاڌي جو ٻيو قسم ماس وڌائيندڙ به هضم ٿئي ٿو ۽ کاڌو پتڙو ٿي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

نندي آندي ۾ لهي ٿو.

(3) نندو آنڊو- هي رڳن جو ٿهيل پيچدار وڪوڙيل نليءَ مثل آهي: منجهس ڪاڌو هضمي جي رسن سان ملي پچي ٿو. هن آندي واري نليءَ ڪي ڏگهو ڪجي ته ويهاريو فوٽ ٿئي. هن ۾ جڏهن پٽڙو ڪاڌو اچي پوي ٿو تڏهن ساڻس (1) جيري جي پت (2) لبلباب جي رس (3) آندي جي رس گڏجن ٿيون، جنهن ڪري ڪاڌي جو ٽيون قسم گرمي پيدا ڪندڙ (سٽيپ) به هضم ٿئي ٿو. وات ۾ جو پڪ گڏجڻ سبب ڪنڊ (مناڻ) ٿهي هئي، اها هتي هضم ٿئي ٿي، جنهن ڪري ڪاڌي مان ڪمائتي رس ٿهي جاذب نلين جي رستي وجي رت سان ملي ٿي. پوءِ رت سان دوري ڪندي ڪاڌي جو چوٿون قسم هڏا ناهيندڙ مال (لوڻ) به هضم ٿئي ٿو.

(4) وڏو آنڊو- هي اٽڪل پنج فوٽ ڊگهو ۽ نندي آندي کان ويڪرو آهي، سندس ڪم آهي ڪارائتو پاڻي چهڻ. باقي خارج پاڻي گردا يعني بڪيون چڪين ٿيون ۽ خشڪ ڦوڳ ٿوري جي صورت ۾ نيڪال ٿئي ٿو.

## هاضمي جون رسون ۽ انهن مان فائدا

پڪ- زبان جي هيٺيان ڳلن وٽ به ڳوٿريون آهن، جن ۾ هڪ پاڻيٺ جهڙي شيءِ رهي ٿي، جنهن کي چئبو آهي پڪ.

جڏهن ڪنهن مٺي ۽ مزيدار شيءِ جو نالو ڪٽبو آهي، تڏهن انهن ڳوٿرين جا منهن گهٽو ڪلي پوندا آهن، جنهنڪري پڪ نڪري وات ۾ ايندي آهي ۽ وات پاڻي ٿيندو آهي.

اها پڪ ٿوري انداز ۾ هميشہ نڙيءَ مان لهي معدي ۾ پيئي ويندي آهي ۽ هاضمي ۾ مدد ڪندي آهي، مگر جڏهن ڪليون يا ڪاڪڙو لهي پوندو آهي، تڏهن پڪ کي اندر وڃڻ جو رستو بند ٿي پوندو آهي، جنهنڪري گهٽي ٽڪ ٽڪ ٿي پوندي آهي ۽ پڪ جي اندر نہ وڃڻ سبب هاضمو ۽ قبضي ٿي پوندي آهي. ٽڪ ٽڪ جي عادت چڱي نہ آهي، ڇو تہ ان ۾ پڪ جو نقصان ٿئي ٿي. ڏندڻ ڪرڻ مهل بہ گهٽو وقت نہ ونجي، ڇو تہ غليظ ٽڪن نڪرڻ بعد وري پڪ اچاٽي ٿي پوي ٿي، تنهنڪري گهٽو وقت ڏندڻ ڪرڻ آهي، هٿ سان پاڻ کي بدهاضمو ڏيڻ. مطلب تہ پڪ عجيب نعمت آهي.

## پڪ مان فائدا

(1) ڪاڌي کي چباڙڻ لاءِ نرم ڪندڙ آهي.

(2) زبان کي نرم رکي ٿي، جنهن ڪري ڳالهائڻ ۾ تڪليف نہ ٿي ٿئي.

(3) ڪاڌي سان گڏجي، ان جي نشاستي جهڙي مال کي هضم ڪري ڪنڊ جي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

صورت ۾ آڻي ٿي.

(4) ڪاڏي ڪي وات ۾ ڳوهي، گولي بنائڻ ۾ مدد ڪري ٿي، جنهن ڪري ڳهڻ ۾ تڪليف نه ٿي ٿئي.

(5) پڪ ڪيترين بيمارين ڪي ڇٽائي ٿي مثلاً (الف) موهيڙا هلاڪ ڪن، ته ٻه چار پيرا پڪ لڳائڻ سان فائدو ٿيندو. (ب) خارش شروع ٿئي، ته ٻه چار پيرا پڪ لڳائڻ سان خارش هٽجي پوندي. (ث) ڏڍ جي جاءِ تي ٻه وري وري پڪ لڳائڻ سان فائدو ٿيندو. (د) جي ڪا رهڙ اچي وڃي ته ٻه ٻه چار گهمرا پڪ لڳائڻ سان تڪليف هٽي ويندي ۽ اهو هنڌ پچندو ڪين (ج) اکين جي ڪيترين بيمارين ڪي ٻه پڪ لڳائڻ ڪري فائدو ٿيندو آهي. جيئن ته اکيون پچڻ ڪري ڳوريون لڳنديون هجن ۽ نه کلن ته پڪ لائڻ سان جهٽ کلي پونديون.

## پچڻ رس

معدي جي اندر ڪيتريون ئي سنهيون تندون ۽ نليون آهن، جي هڪ قسم جي رس تيار ڪن ٿيون. جن ڪي چئبو آهي پچڻ رس. جڏهن ڪاڏو معدي ۾ اچي ٿو، تڏهن انهن تندن مان اها رس ڪاڏي سان گڏجي مرض وڏائيندڙ ڪاڏي ڪي ڳاري پٽڙو ڪري ٿو.

## پت

هيءَ سائيرڙي ۽ تمام ڪوڙي پٽڙيءَ شيءِ آهي، جا جيرو جوڙي ٿو. جڏهن ڪاڏو ننڍي آنڊي ۾ اچي ٿو، تڏهن پت نليءَ جي رستي اچي ان ۾ پوندي آهي، جنهن ڪري سٽپ هضم ٿي ويندو آهي.

## لب لباب

هي هڪ پتري قلودي جي لڳ لڳ جهڙو ڳاڙهيرو رڱن جو نهيل آهي. ان ۾ هڪ رس جڙي ٿي جا هڪ نليءَ وسيلي پت واريءَ نليءَ سان گڏجي ٿي ۽ پت سان گڏجي ڪاڏي ۾ پوي ٿي ۽ ڪاڏي جي پهرين قسم مان پڪ وسيلي جا کنڊ جڙي ٿي، ان ڪي هيءَ رس هضم ڪري ٿي. جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ جو لب لباب بيڪار ٿيندو آهي، ته پوءِ اها کنڊ پيشاب جي رستي ٻاهر نڪرندي آهي، جنهن ڪري پيشاب ڪرڻ وقت ان جي منڊڻ تي ڪِوليون ۽ ماڪوڙا اچي گڏ ٿيندا آهن، ان ڪي چئبو آهي ذيابيطس جو مرض، ان ڪري ماڻهو ضعيف ٿيندو ويندو آهي ۽ آخر مري ويندو آهي.



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

## آنڊي جي رس

هيءَ رس ننڍي آنڊي جي پرسان شيردان ۾ تيار ٿيندي آهي، جا ننڍي آنڊي ۾ اچي، کاڌي سان گڏجي رهيل کهيل پاڳو هضم ڪندي آهي.

## سوال

1 — هاضمي جا ڪهڙا عضوا آهن ۽ انهن مان جيڪو مکيه آهي تنهنجو بيان ڏيو؟
2 — ڏندڻ ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي ۽ سنو ڏندڻ ڪهڙو آهي؟
3 — کاڌي جون ڪهڙيون ضرورتون آهن؟
4 — کاڌي جا قسم ٻڌايو؟
5 — پڪ جا فائدا چتائيءَ سان ٻڌايو؟
6 — هاضمي جي رسن جا نالا ٻڌايو؟

## رت ۽ سندس دؤرو

رت هڪڙي ڳاڙهي ۽ کاريوڙي پتڙي شيءِ آهي، اسان جي سڄي بدن جي طاقت جو مدار رت تي آهي. ڪو به عضوو رت کان سواءِ نڪي وڌي سگهندو، نڪي ان ۾ طاقت ئي ٿيندي.

رت پنهنجي دوري جي وسيلي سيني عضون کي طاقت ڏئي ٿو ۽ ۽ غلاظتون ڇڪي ڪٽي وڃي ٿو.

## رت جي بناوت

رت ٽن شين جي جڙيل آهي :— (1) پيلي رنگ جي پاڻيٺ شيءِ (2) ڳاڙها جزا (3) اڇا جزا.

**ڳاڙها جزا** — هنن جي ڪري رت جو رنگ ڳاڙهو ٿيو آهي، هي تمام سنها گول ۽ چپرا آهن، اهڙا سنها آهن جو هڪ ملي ميٽر ۾ 50 لک ڪن ٿيندا. اسان جي طاقت جو مدار انهن جزن تي آهي، اهي جزا ستن ورهين کان پوءِ بيڪار ٿيندا ويندا آهن، جن کي اسان جو جگر (جيرو) پچي پت ٺاهيندو ويندو آهي. هي جيئن خارج ٿيندا ويندا آهن، تيئن وري اسان جي نرين جي گورن مان نوان ٺهندا ويندا آهن.

ڳاڙهن جزن جو ڪم آهي رت جا سڙيل جزا ڪٽي، ڦڦڙن کي پهچائڻ. جيئن جيئن هو سڙيل جزا ڪٽندا ويندا تيئن تيئن سندن رنگ ڪارو ٿيندو ويندو، جنهن ڪري ڳاڙهو رت منجهي ڪارو ٿي موٽي ٿو.

**اڇا جزا**- هي ڳاڙهن جزن کان وڏيرڙا آهن، مگر تمام ٿورا آهن، 500 ڳاڙهن جزن ۾


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

فقط هڪڙو اڃو جزو ٿيندو آهي، هيءُ جزا اسان جا راڪا آهن، جڏهن ڪنهن مرض جا جيوڙا بدن ۾ داخل ٿيندا آهن، تڏهن هي وڏي، تمام گهڻا ٿيندا آهن ۽ مرض جي جيوڙن سان ويڙه ڪندا آهن، تي ڏينهن سانده هي مرض جي جيوڙن سان وڙهندا آهن. جنهن کي بحران چوندا آهن، بحران جي وقت ۾ جيڪڏهن هي مرض جي جيوڙن تي فتح حاصل ڪندا آهن، ته پوءِ مرض ازخود دفع ٿيندو آهي، پر جيڪڏهن مرض جا جيوڙا غالب پوندا آهن، ته پوءِ مرض دفع ڪين ٿيندو آهي، جنهن ڪري مرض جي جيوڙن کي ناس ڪرڻ لاءِ دوا ڪرائبي آهي.

نوٽ- طب جو قاعدو آهي، ته بحران جي وقت ۾ يعني پهريان ٽي ڏينهن دوا ڪرڻ نه گهرجي نه ته اڇا جزا ڪم طاقت ٿي ويندا، پر ڪي مرض اهڙا خوفناڪ آهن، جن ۾ يڪدم دوا ڪرڻ ضروري آهي.

## دل

دل رڳن جي نهيل، انب جي شڪل جهڙي آهي ۽ ڦڦڙن جي وچ ۾ ڇاتيءَ جي کاٻي پاسي رکيل آهي. دل کي عام طرح هنيانءُ به چئبو آهي. دل جا چار پاڱا ٿيل آهن، جيئن شڪل ۾ ڏسو ٿا. ڇاتيءَ تي هٿ رکبو، ته ڌڪ ڌڪ پيئي معلوم ٿيندي، اها ڌڪ دل جي آهي. جنهن وقت به مٿيان خانا گڏ سوس ڪائن ٿا، تنهن وقت ۾ هيٺيان خانا گڏ ڦندن ٿا ۽ جنهن وقت هيٺيان خانا سسن ٿا، تنهن وقت مٿيان خانا ڦندن ٿا.

## دل جي بناوت

دل ڏانهن ايندڙ يا دل کان نڪرندڙ ناليون ۽ ان جي خانن جي تفصيل هن طرح آهي:

1 – بدن کان ايندڙ خراب رت جون ناليون.
2 – دل جي ساڄي پاسي وارو خراب رت وٺندڙ خانو.
3 – دل جي کاٻي پاسي وارو سنو رت وٺندڙ خانو.
4 – دل جي ساڄي پاسي وارو خراب رت ڪيندڙ خانو.
5 – دل جي کاٻي پاسي وارو سنو رت ڪيندڙ خانو.
6 – ڦڦڙن ڏانهن ويندڙ خراب رت جون نليون.
7 – ڦڦڙن کان ايندڙ سني رت جون ناليون.
8 – بدن ڏانهن ويندڙ شاهه شريان (سني رت جو نل)

مٿين خانن جي سسڻ ڪري به تحرڪ ٿين ٿا: (1) مٿئين کاٻي خاني مان سنو


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

رت نڪري هيئين ڪابي خاني ۾ وڃي ٿو (2) متئين ساڄي خاني مان خراب رت نڪري هيئين ساڄي خاني ۾ وڃي ٿو، جنهن ڪري هينيان ٻہ خانا ڦندبن ٿا.

وري جنهن وقت متيان ٻہ ڦندبن ٿا، تڏهن بہ ٻہ تحرڪ ٿين ٿا :-

(1) متئين خاني ۾ ڦڦڙن مان صاف ٿيل رت اچي پوي ٿو (2) متئين ساڄي خاني ۾ بدن مان موٽي آيل خراب رت پوي ٿو. ساڳئي وقت هيئين خانن جي سسڻ وقت ڪابي خاني مان سنو رت نڪري بدن ۾ دوري لاءِ وڃي ٿو ۽ ساڄي خاني مان خراب رت نڪري ڦڦڙن ۾ صاف ٿيڻ وڃي ٿو.

نوٽ: متئين خواه هيئين پاڳن جي سوس ڪائڻ وقت رت پوئتي موٽ ڪائي نہ ٿو سگهي، ڇو تہ رت جي لنگهڻ وارن هنڌن وٽ دريون رکيل آهن، جهڙيءَ طرح پمپ جي هٿئي هيٺ متي ڪرڻ سبب پاڻي رڳو ٻاهر نڪري ٿو، مگر دريءَ بند ٿيڻ ڪري موٽ نہ ٿو ڪائي، تيئن هتي بہ ٿئي ٿو.

رت واهڻ- رت واهڻ ٻن قسمن جا آهن: هڪڙا جي غليظ رت بدن مان ڪٺي وڃي دل جي ساڄي پاڳي ۾ پهچائن ٿا ۽ اتان وري رت ڪڍي ڦڦڙن ۾ صاف ٿيڻ لاءِ پهچائن ٿا، انهن کي نسون چئبو آهي. ٻيا رت واهڻ سنو رت ڦڦڙن مان وٺي دل جي ڪابي پاڳي ۾ پهچائن ٿا ۽ اتان وري سنو رت ڪڍي بدن جي سيني پاڳن کي پهچائن ٿا، انهيءَ قسم جي رت واهڻن کي شريانيون چوندا آهن.

## رت جو دؤرو

جنهن وقت دل جو هيٺيون ڪابو پاڳو سسي ٿو، تنهن وقت صاف رت شاهہ شريانون مان لنگهي ٿو، ان مان وري ٻہ ننڍيون شريانيون ڦٽن ٿيون، هڪڙي بدن جي متئين پاڳي ڏي ۽ ٻي هيئين پاڳي ڏي رت ڪٺي وڃي ٿو، تن مان وري ننڍيون شاخون ڦٽن ٿيون، تان جو وار جهڙيون سنهيون نليون ٿي سڄي بدن ۾ چاريءَ وانگر پکڙجي، سڄي بدن جي هر هڪ پاڳي کي پورو رت پهچائن ٿيون. اهو سنو رت رڳن کي طاقت ڏيئي منجهائن کوٽ ٿيل سڙيل جزا ڪٺي ٿو، جنهنڪري ڪارو ٿيندو وڃي ٿو، جو پوءِ نسن جي چاريءَ ۾ اچي ٿو، جنهن مان وڏيون نليون ٺهنديون، آخر بہ وڏيون نسون ٿيون ٺهن، جن جي رستي اهو خراب رت اچي دل جي ساڄي متئين خاني ۾ پوي ٿو. جڏهن اهو پاڳو پرجي ٿو وڃي تہ پوءِ سسي ٿو، جتان رت لهي هيئين ساڄي خاني ۾ پوي ٿو. وري جڏهن اهو خانو پرجي سوس ٿو ڪائي تہ رت نڪري اچي ڦڦڙن جي سنهين نلين ۾ وڃي ٿو، جتي صاف ٿيڻ بعد موٽي شريانين جي وسيلي دل جي ڪابي متئين خاني ۾ اچي ٿو. اهڙيءَ طرح وري متيون ڪابو پاڳو پرجڻ بعد سسي ٿو ۽ پوءِ هيئين ڪابي پاڳي ۾ وڃي ٿو. جڏهن اهو پرجي ٿو، تہ هڪدم سسي متئين وانگر بت ۾ دوري ڪرڻ لاءِ وڃي ٿو. اهڙيءَ طرح رت جو دؤرو پيو ٿئي.



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

نوٽ: دل جي مٽين ۾ هيٺين خانن جي سسڻ ۽ ڦندڻ جلد جلد ٿئي ٿو. اهڙيءَ طرح جو دل ڌوڙٽي وانگر منٽ ۾ 70 کان 80 دفعا سسي ۽ ڦندي ٿي.

## رت جو دؤري جي نلن سان پيٽ

(1) جيئن پاڻيءَ وارو تلاءُ يا ٽانڪي ڪنهن متانهين هنڌ رکبي آهي، تيئن دل يعني رت جو تلاءُ بہ متانهين هنڌ يعني ڇاتيءَ ۾ رکيل آهي، تہ رت سولائي سان سڄي بدن ۾ دوري لاءِ لهي وڃي. (2) جيئن ٽانڪيءَ مان متانهين جاين تي پاڻي پهچائڻ لاءِ ڪنهن پمپ جي ضرورت ٿيندي آهي، تيئن هتي بہ مغز، منهن ۽ ٻين متانهين پاسن ڏي رت موڪلڻ لاءِ دل پمپ وانگر ڪم ڪري ٿي. يعني هوءَ سوس ڪائي رت کي پاڻ مان ڪڍي ٿي (3) جيئن ٽانڪيءَ ۾ پاڻي پهريائين وڏن نلن ۾ پوءِ ننڍين نلين ۾ ويندو آهي، تيئن دل مان بہ پهريائين وڏي شريان تي نڪري، جنهن مان ننڍيون شريانيون ٿيون ڦٽن (4) مگر جيئن شهر جو گندو پاڻي اجايو ويندو آهي، تيئن بدن ۾ نہ آهي، گندو رت بدن ۾ وري ڦڦڙن ۾ صاف ٿي ڪم ايندو آهي.

## آواز

ڇپ جي پٺئي پاسي هڪ سوارخ آهي، جنهن کي گلو چئجي ٿو. ان ياڱي جي اندر پاسن کان بہ لچڪدار بند ٿين ٿا، جنهن جي وچ ۾ توتاري جهڙو هڪ چير رکيل آهي. انهن بندن کي آواز جون تارون ڪري چئبو آهي. جڏهين ڳالهائبو آهي، تڏهن اهي تارون ڇڪجي هڪ ٻئي جي ويجهو ايندیون آهن. پوءِ جيئن ڦڦڙن مان هوا نڪرندي آهي، تيئن اهي تارون لرزش ۾ ايندیون آهن، جنهنڪري آواز پيدا ٿيندو آهي. جيئن تنبوري ۾ تار جي آواز کي بلند ڪرڻ لاءِ هڪ تنبو (سڪل ڪدو) رکيل هوندو آهي، تيئن وات ۽ نڪ جا پور تارن جي آواز کي بلند ڪن ٿا. هينئر ڏٺو سين تہ ڦڦڙ نہ فقط هوا صاف ڪن ٿا. مگر آواز بہ پيدا ڪن ٿا ۽ ڪيس آواز پيدا ڪرڻ ۾ وات ۽ نڪ مددگار آهن، جيڪڏهن وات ۾ ڦوڦيندا ٿي پوندا آهن يا نڪ ۾ ريزش ٿي پوندي آهي تہ آواز برابر نہ نڪرندو آهي.

## سوال

1 – رت ڇا آهي ۽ سندس جزا ڪهڙا آهن؟
2 – دل ڇا جي ٺهيل آهي ۽ سندس ياڱا ڪهڙا آهن؟
3 – صاف رت ڪٿي ٿو رهي ۽ اهو ڪهڙي ڪم اچي ٿو؟
4 – رت جو دورو شڪل ڪڍي ڇٽائي سان سمجهايو؟


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

## اخراجي عضوا

اخراج جي معنيٰ آهي غلاظتن کي ڪڍڻ.

اسان جي بدن ۾ ڪم ڪرڻ ۽ رت جي دوري سبب جي سڙيل پاڳا ۽ ٻيون خرابيون پيدا ٿين ٿيون، سي پاڻمرادو ڪي عضوا ٻاهر ڪڍن ٿا. جن کي اخراجي (خرابيون ڪڍندڙ) عضوا چون ٿا. جيئن تہ:

(1) آنڊو – هي هاضمي کان پوءِ ڪاڏي جو رهيل ڦوڳ ٿوري جي صورت ۾ نيڪال ڪري ٿو. جيئن متي ڏيڪاريل آهي.

(2) ڦڦڙ – هي ساهہ کڻڻ جي رستي رت مان ڪاربانڪ ائسڊ گئس (گندي هوا) ڪڍن ٿا.

(3) چمڙي – هيءُ پگهر جي رستي رت مان زهري خرابيون ڪڍي ٿو.

(4) ٻڪيون ۽ مثانہ – هي پيشاب جي رستي رت مان زهري پاڻيٺ ڪڍن ٿا.

انهن مان آنڊي جو بيان متي ڏنل آهي باقي ٻين جو بيان هيٺ اچي ٿو.

## ساهہ کڻڻ جا عضوا

دم جي رستي هوا جو اندر وڃڻ ۽ وري ٻاهر نڪرڻ، تنهن کي چئجي ساهہ کڻڻ.

1 – نڪ 2 – هوا جي نالي يا نڙگهٽ 3 – ڦڦڙ. اهي ٽئي ساهہ کڻڻ جا عضوا آهن.

1- نڪ: هي پڙدي جي ڪري ٻن ڀاڱن ۾ ورهايل آهي، جن کي ناسون چئبو آهي. ناسن ۾ ڪيترائي پيچدار خانا ۽ وار آهن، جن مان هوا گرم ۽ صاف ٿي ڦڦڙن ۾ ويندي آهي. ڪي ڪي ماڻهو وات مان ساهہ کڻندا آهن، يا رات جو ننڊ ۾ وات ڦاٽي ويندو اٿن، انهن ماڻهن کي بعضي ڪليون پونديون آهن، بعضي ڪاڪڙو لهي پوندو اٿن ۽ ريزش ٿيندي اٿن يا بعضي دم ٿيندو اٿن وغيره. سرشتي جي بناوت موجب ساهہ کڻڻ واسطي نڪ آهي ۽ کاڄ کائڻ واسطي وات آهي. نڪ مان ساهہ کڻڻ مان هيٺيان فائدا آهن: (1) نڪ ۾ وار آهن، جن مان هوا ڇٽي صاف ٿي اندر ڦڦڙن ڏانهن وڃي ٿي، تنهنڪري نڪ جا وار وڃائڻ غلط آهي. (2) نڪ ۾ اندر ڪيترا وار آهن، اتان هوا لنگهيندي گرم ٿئي ٿي، جنهن ڪري ڦڦڙ سرديءَ کان بچيل رهن ٿا. (3) نڪ جون ناسون سوڙهيون آهن، مگر ڦڦڙن ڏانهن هوا وڃڻ جو رستو سڌو آهي، تنهنڪري انهن مان هوا اندر ڇڪي نيڻ سان ڦڦڙ هوا سان پوريءَ طرح ڀرجن ٿا. (4) نڪ ۾ سنگهڻ جي طاقت رکيل آهي، جنهنڪري اها خبر يڪدم پوندي، تہ هتي هوا سٺي آهي يا خراب، جنهن ڪري ڪوشش وٺي خراب هوا کان پاڻ بچائي سگهبو. وات مان ساهہ کڻڻ سبب


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

ڪيترائي نقصان ٿين ٿا ۽ رت بہ پوريءَ طرح صاف نٿو ٿئي، جنهن ڪري ماڻهو
1 ۽ 2 – ڦوٽريون (3) نسن جي ڄاري روڳي گذاري ٿو.

2- **هوا جي نلي يا نڙگهٽ:** هيءَ نلي ڪچڙي هڏي جي چلن جي ٺهيل آهي، جنهنڪري بند ٿي نٿي سگهي ۽ سهنجائيءَ سان ساهہ کڻجي ٿو. هن مان ڇاتيءَ وٽان بہ شاخون ڦٽن ٿيون، هڪ ساڄي ڦڦڙ ۽ ٻي کاٻي ڦڦڙ ڏانهن وڃي ٿي. جيئن وڻ مان ڏار ۽ انهن مان ٽاريون ۽ ٽارين مان وري ننڍڙيون شاخون ڦٽن ٿيون، تيئن هي بہ سنهيون سنهيون شاخون ٿي آخر هوا جي ڦوٽرين ۾ وڃن ٿيون.

3- **ڦڦڙ :** هن جا بہ ڀاڱا آهن: (1) ساڄو (2) کاٻو، هي سنهين نلين ۽ هوا جي ڦوٽرين جا ٺهيل آهن ۽ ڊاک جي ڇڳي وانگر آهن، سنهين ڏانڌين جي عيوض اٽس هوا جون نليون ۽ ڊاک جي بجاءِ اٽس هوان جون ڦوٽريون، هوا
1 – نڙگهٽ يا هوا جي نلي.
2 ۽ 3 ڦڦڙ.
4 ۽ 5 دل جي کاٻي پاسي وارا بہ خانا.
6 ۽ 7 دل جي ساڄي پاسي وارا خانا.
8 – دل جي ساڄي پاسي ڏانهن ويندڙ خراب رت.
9 – بدن ڏانهن ويندڙ سنو رت.

جي ڦوٽرين جي پرسان نسن ۽ شريانين جي وار نلين جي ڄاري آهي. هوا جي ڦوٽرين جي ڪل اهڙي سنهي آهي، جو منجهانس گئسون چڱيءَ طرح اچي وڃي سگهن ٿيون.

## رت جو صاف ٿيڻ

ساهہ کڻڻ وقت هوا جي ڦوٽرين مان آڪسيجن گئس نڪري وڃي رت سان ملي، ان کي صاف ڪري ٿي ۽ وري رت مان ڪاربانڪ ائسڊ گئس ۽ ٻيون غلاظتون نڪري ڦوٽرين ۾ اچن ٿيون، جي پوءِ دم ٻاهر ڪڍڻ وقت ٻاهر نڪرن ٿيون، اهڙيءَ طرح رت صاف ٿئي ٿو. جو پوءِ شريانين جي رستي دل جي کاٻي ڀاڱي جي مٿئين خاني ۾ وڃي ٿو ۽ جوان ماڻهو منٽ ۾ 15 کان 18 دفعن تائين ۽ ٻار 30 دفعن تائين ساهہ کڻن ٿا.

نوٽ: ساهہ کڻڻ وقت جڏهين ڦڦڙ وڌن ٿا، تڏهن پيٽ ڇهہ هيٺ ٿئي ٿو ۽ سينو ٻاهر نڪري ٿو ۽ رڳون پاسيرين کي ٻاهر ڇڪين ٿيون، جنهنڪري ڦڦڙن وارو پور ويڪرو ٿئي ٿو ۽ ڦڦڙ آسانيءَ سان وڌن ٿا. پيٽ ڇهہ جي هيٺ ٿيڻ سبب پيٽ بہ ٻاهر نڪري ٿو، پٽيءَ جي ڪنڊي ۾ ڏنگ پوندو وڃي ٿو، تان جو پٽيءَ ۾ ڪٻ ٿيو پوي. لکڻ سان اکيون بہ ويجهي ڏسڻ تي هرنديون وڃن ٿيون، تان جو پري ڏسڻ لاءِ منجهن


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

پوري طاقت نہ ٿي رهي.

4- **پنيءَ کان سواءِ بينچن تي لکڻ-** هنن بينچن تي گهڻو وهڻ وقت ڪري ٽڪجي ٿو پئجي، تنهنڪري ڪبو ويهڻو ٿو پوي ۽ لکڻ وقت خاص ڪري گوڏي تي رکي لکڻو ٿو پوي، جنهن ڪري نمڻ جي ضرورت ٿئي ٿي، انهيءَ ڪري ساهه کڻڻ ۾ رنڊڪ ۽ نظر خراب ٿيڻ جو امڪان آهي. جيڪڏهن ٽيڪ سان ڊيسڪ هوندي، تہ لکڻ مهل نمڻ جو ضرور نہ ٿيندو، جو ڪڙو ويهي ڊيسڪ تي رکي لکبو ۽ پڙهڻ مهل بہ ٽيڪ ڏيئي سولائي سان پڙهي سگهبو. ڪتاب اکين کان هڪ فوٽ ڪن پري ڪري پڙهجي.

## سوال

1 – اسان جي بدن جون خرابيون ڪهڙن عضون جي وسيلي نڪرن ٿيون؟

2 – وات مان ساهه کڻڻ ڪري ڪهڙو نقصان ٿئي ٿو؟

3 – نڪ جو سلسي وار بيان ڏيو؟

4 – رت صاف ڪئين ٿو ٿئي شڪل سان کولي سمجهايو؟

5 – ڪهڙيون خبرداريون ڪجن، جيئن ساهه ڪڄڻ ۾ اٽڪاءُ نہ پوي؟

## رت صاف رکڻ لاءِ خبرداريون

جنهن صورت ۾ اسان جي رت صاف ٿيڻ جو مدار ڦڦڙن تي آهي، تنهن صورت ۾ هيٺين ڳالهين تي هر وقت ڌيان ڏيڻ گهرجي، جيئن ڦڦڙن کي ڪم ڪرڻ ۾ رنڊڪ نہ ٿئي:-

1- سوڙها ڪپڙا پائڻ- سوڙها ڪپڙا بدن جي چرپر جي آزادگيءَ کي روڪين ٿا. ٻچيءَ ڇاتيءَ ۽ ٻانهن جي چوڌاري سوڙها ڪپڙا پائڻ ڪري، ڦڦڙ ۽ دل پوريءَ طرح ڪم ڪري نہ ٿا سگهن. جيڪڏهين ٻچيءَ ۾ ڪپڙو سوڙهو هوندو، تہ ساهه پوريءَ طرح کڻي نہ سگهبو، جنهن ڪري رت پوريءَ طرح صاف ٿيندو ئي ڪين. قميص جي ٻچي خاص ڪري اهڙي هئڻ گهرجي، جيئن چار آڱريون اندر خلاصيون وجهي سگهجن.

2- ڪبو وهڻ- ڪبي وهڻ ڪري ڦڦڙن تي داٻ پوي ٿي، جنهنڪري هاضمي جو ڪم پوريءَ طرح ٿي نہ ٿو سگهي، انهيءَ ڪري ڪبو اصل ويهڻ نہ گهرجي.

3- نمي لکڻ- نمڻ جي ڪري ڦڦڙن دٻجن ٿا ۽ صاف هوا کڻي نہ ٿا سگهن، تنهنڪري رت برابر صاف نہ ٿو ٿئي.

## چمڙي



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ پاڳي پائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

چمڙيءَ جا ٻه ته آهن: (1) ٻاهريون ته يا ڪوڙي کل (2) اندريون ته يا سچي کل:–

(1) ٻاهرين کل: هيءَ کل اسين ٻه نانگ وانگر لاهيندا آهيون. پر اها هڪ ئي وقت نه لهندي آهي. مگر سنان (وهنجڻ) وقت مهٽڻ ۾ ذرا ذرا ٿي لهندي آهي. يا اونهاري جو جڏهن آرايون نڪرنديون آهن. تڏهن ذرا ذرا ٿي ڇڻندي آهي. انهن جي جاءِ تي ٻيا نوان ذرا ڄمندا آهن. هي کل تمام سنهي آهي منجهس رت واهڻ ۽ تنتون ڪين آهن. جنهنڪري هن کل ۾ سئي لنگهائبي. ته ايذاءُ بلڪل ڪين ٿيندو. هيءَ کل اندرينءَ کل جو بچاءُ آهي. وار ۽ ننهن هن کل جي واڌ جو نتيجو آهن.

(2) سچي کل: هيءَ هيٺيان هوندي آهي جا ٿلهي. لچڪدار ۽ نازڪ هوندي آهي هن ۾ رت واهڻ ۽ تنتون هونديون آهن. جڏهن اتفاق سان ٻاهرين کل لهي پوندي آهي. ته هيءَ پيئي پوسڙندي آهي. ٻئي ته پاڻ ۾ اهڙيءَ طرح ڇهنيا پيا آهن. جو هڪ ته ڏسڻ ۾ ايندو آهي. چمڙيءَ ۾ ڪيئي سنها ٽُنگ آهن. جي هڪ چورس انچ ۾ اٽڪل ٻه هزار ڪن ٿيندا. اهي ٽنگ تمام سنهين نلين جا منهن آهن. جن کي مسام چئبو آهي. انهن جون ٻيون پڇاڙيون رت واهڻن سان گڏيل آهن ۽ رت ۾ جيڪو نقصان ڪار پاڻي آهي سو ڪڍيو وڃن. جنهن کي پگهر چئجي ٿو. تنهنڪري مسامن کي هميشه صاف رکڻ گهرجي.

**چمڙيءَ جا ڪم:** (1) بدن کي بيهڪ ۽ سونهن ڏئي ٿي. (2) چمڙي جي ڪري ڪيترا نازڪ عضوا سلامت رکيل آهن. (3) چمڙي گرم، سرد ۽ ايذاءُ رسائيندڙ شين جي خبر ڏئي ٿي. (4) چمڙي پگهر ٿاهي بدن مان زهري غلاظتون ٻاهر ڪڍي ٿي. (5) چمڙي جي دوري کي تڪڙو ۽ ڍلو ڪري سگهي ٿي. جنهنڪري اونهاري توڙي سياري ۾ بدن جي گرمي پوري 98.4 درجا فارهائيٽ مقرر رکي ٿي.

اونهاري ۾ اندر بدن ۾ گرمي زياده ٿئي ٿي. جنهن ڪري چمڙي رت جي دوري کي تکو ڪري بدن مان پگهر گهڻو ڪڍي ٿي. جو بخار ٿيڻ لاءِ بدن مان گرمي چڪي ٿو. جنهن ڪري بدن ٿڌو رهي ٿو.

سياري ۾ رت جي دوري کي ڍرو ڪري ٿي. جنهن ڪري گرميءَ کي ٻاهر نڪرڻ نه ٿي ڏئي. اهڙيءَ طرح اندر گرمي پوري رهي ٿي.

تجربو- تندرست ماڻهوءَ جي گرمي جو درجو اونهاري خواه سياري ۾ 98.4 رهي ٿو. اهو هن ڪري ٿو ٿئي. جو چمڙيءَ ۾ ٽنگ آهن. اونهاري ۾ دلي جو پاڻي گهاگهر جي پاڻيءَ کان وڌيڪ ٺرندو آهي. ڇاڪاڻ ته دلي کي تمام سنها ٽنگ ٿا ٿين. جن مان پاڻي ٻاهر سمي بخار ٿي ٿو وڃي. بخار ٿيڻ لاءِ پاڻي پنهنجي گرمي ڪپائي ٿو. جنهن ڪري ٿڌو ٿي ٿو پوي. مگر گهاگهر ۾ ٽنگ ڪو نه ٿين. تنهنڪري ائين


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

دلي وانگر نہ ٿو ٿئي. ساڳيءَ طرح چمڙيءَ جي ٽنگن مان پگهر ٻاهر نڪري سگهي ٿو ۽ بدن جي گرمي نيڪال ڪري ٿو، جنهن ڪري بدن ٺري پوي ٿو. وري اونهاري ۾ گرميءَ جي ڪري رت جو ڊوڙو تکو ٿو ٿئي ۽ رت واهڻ ۽ گلگرا بہ وڏي ٿا پون، جنهن ڪري منجهائن پگهر بہ گهڻو ٿو نڪري ۽ بدن ٺري ٿو پوي. سياري ۾ رت ۽ گلگرا ايترو وڏن ٿا، تنهن ڪري پگهر تمام ٿورو ٿو نڪري، اهو سبب آهي، جو چمڙي سياري ۾ ٺرڻ جي بدران گرم ٿي رهي. سياري ۾ پگهر جي بجاءِ وري پيشاب گهڻا ايندا آهن، جن جي وسيلي بدن جي غلاظت نڪريو وڃي ٿي.

(6) چمڙي ڦڦڙن وانگر ڪجھ قدر مسامن جي رستي ڪاربانڪ ائسڊ گئس ٻاهر ڪڍي ٿي ۽ آڪسيجن اندر داخل ڪري ٿي. (7) چمڙيءَ کي جذب ڪرڻ (چکڻ) جي طاقت آهي، جنهنڪري تيل ۽ ٻيون دوائون مالش ڪرڻ سان اندر نيئي سگهجن ٿيون. (8) چمڙي وارن جي اندر سٽيپ ٿاهي رکي ٿي، جنهن سان هر وقت پاڻ کي نرم رکي ٿي.

## بڪيون مثانہ ۽ پيشاب جو نيڪال

بڪيون بہ آهن، هي پٺيءَ هيٺان جي ڪنڊي جي ٻنهي پاسي ڪمر ۾ جڪڙيل آهن. سڄي بڪي جيري جي هيٺان ۽ ڪبي بڪي تريءَ جي هيٺان آهي. شڪل ۾ چونري (رانهين) جهڙيون آهن، سندس ڊيگهہ 3 – 4 انچ ۽ ويڪر اڍائي انچ کن آهي. جن ۾ سڄي بدن جو رت هر وقت پيو ڇڻي صاف ٿئي ۽ رت مان نڪتل غلاظتون ڦڙو ڦڙو ٿي پيشاب وارين نلين جي وسيلي مثاني ۾ وڃن ٿيون، جنهن حالت ۾ ان کي پيشاب چئجي ٿو.

مثانہ – هيءُ هڪڙي خاص قسم جي رڳن جو آهي. منجهس پيشاب گڏ ٿي، جڏهن گهڻو ٿيندو آهي، تڏهن پيشاب جو خيال ٿيندو آهي ۽ پيشاب تي وهڻ سان مثانہ پاڻمرادو سسندو آهي، جنهن ڪري پيشاب ٻاهر نڪرندو آهي ۽ مثانہ خالي ٿي پوندو آهي. پيشاب روزانو ڏيڍ سير کن ٿيندو آهي، جي پاڻي گهڻو پيئبو آهي، تہ پيشاب بہ گهڻو ٿيندو آهي ۽ سياري جو پگهر نہ نڪرڻ سبب پيشاب زياده ٿيندو آهي.

## گڙدي جو سور

بڪيون رت مان غلاظت ڇڪجي، نلين جي رستي مثاني ڏانهن روانو ڪن ٿيون، اها غلاظت وقتي گهاٽي ٿئي ٿي، جا نلين رستي مثانہ ۾ وڃي نٿي سگهي، جنهنڪري بڪين ۾ سور پيدا ٿيندو آهي. يا وقتي پاڻي صاف نہ پيئبو آهي، تہ ان پاڻيءَ جي غلاظت بہ بڪين ۾ ڪني ٿي بڪين ۾ ويندي آهي، جا پيشاب جي نلين جي رستي وڃي مثاني ۾ ڪني ٿئي ٿي، ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڄمي پٿريءَ جي مثل ٿئي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ٿي ۽ نڪري نه ٿي سگهي، جنهنڪري به گڙدا (بڪيون) هوا سان پرجي وڃن ٿا ۽ منجهن سور پيدا ٿئي ٿو.

گڙدي جي سور جا علاج- (1) جنهن گڙدي (بڪي) ۾ سور هجي، ان کي هٿ جي، چنبي سان دٻائجي ته فرحت معلوم ٿيندي. (2) سور واري هنڌ تي ڪوسيءَ شيءِ جي ٽاڪور ڪجي ته پيشاب جون نليون ويڪريون ٿي وينديون ۽ غلاظت سولائي سان نڪري ويندي ۽ سور لهي ويندو. (3) سنئون ئي سنئون سمهي، ٽنگن ٻانهن کي ڪجھ قدر ڦاڙي ويڪرو ڪري سيني عضون کي چوٽ ڊرو ڪري ڇڏجي، ته آرام ايندو. (4) هٿ جي زور جو داٻ ڏيو ۽ مالش ڪبي، ته به فائدو ٿيندو. (5) پٿريءَ جي حالت ۾ هڪدم هوشيار ڊاڪٽر کان علاج ڪرائڻ گهرجي.

## پيشاب مان فائدا

پيشاب عام طرح اندر رهڻ ۾ نقصان رسائيندڙ آهي، مگر ڪيترين بيمارين ۾ بلڪل ڪمائتو علاج آهي جيئن ته:– (1) بواسير جي ڪا تڪليف ٿئي، ته پيشاب سان موڪن کي به چار دفع ڌوئڻ سان آرام ايندو. (2) پير ۾ لف ٿئي ته هڪ به دفعا مٿس پيشاب ڪرڻ سان آرام ايندو. (3) هٿ پير وڍجي پوي ته مٿس پيشاب ڪرڻ سان گهڻو فائدو ٿيندو.

## سوال

1 – چمڙي ڇا آهي ۽ سندس ڪل ڪهڙا پاڳا آهن؟
2 – تنتن جو چمڙيءَ سان ڪهڙو لاڳاپو آهي، سو کولي ٻڌايو؟
3 – گڙدا ڇا آهن ۽ انهن جا ڪم ٻڌايو؟

## حواس

حواس انهن عضون کي چئجي ٿو، جن جي وسيلي اسان کي پنهنجي آسپاس حالتن جون حقيقتون معلوم ٿي سگهن. عام حواس گهڻي ئي آهن، جيئن ته نند جو، بک جو وغيره، مگر مکيه پنج حواس آهن: (1) اکيون ڏسڻ لاءِ (2) ڪن ٻڌڻ لاءِ (3) نڪ سنگهڻ لاءِ (4) جيڀ چکڻ لاءِ (5) چمڙي ڇهڻ لاءِ. هر هڪ حواس تنتي سرشتي جي مدد سان پنهنجو پنهنجو ڪم پورو ڪري ٿو.

## اک ۽ ان جو ڏسڻ

اک پورو گولو آهي، جنهن جو قطر انچ ڪن ٿيندو، هيءُ هڪ هيڏائينءَ کوپريءَ ۾ محفوظ ٿيل آهي. نرڙ جي پگهر کان اک کي بچائڻ لاءِ قدرت ڪيس پرون


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڏنيون آهن. اس ۾ مٽيءَ جي بچاءَ لاءِ ڇپر اٿس، جيڪڏهن کو جيت اک پاڻ ڏانهن ايندو ڏسي ته ڇپرا امالڪ بند ٿيو وڃن ٿا. اک جي ٻاهرين ڪندن وٽ پاڻيءَ جون ڳوتريون رکيل آهن، جن مان ڳوڙها نڪري اک هميشه ڌوئي صاف پيا ڪن ۽ اک کي آلو پيا رکن. اک کي ڦيرائڻ لاءِ مشڪون آهن.

(1) **اک جي بناوت-** هيءُ عضوو فوٽو گرافي ڪئميرا جي اصول تي ٺهيل آهي. ٻنهي جا متحرڪ ياگا به ساڳيا آهن:

(2) **تارو يا پتلي-** اک ۾ ڏسبو ته هڪ سهڻو گول نظر ايندو جو ڪن ۾ ڪارو، ڪن ۾ شيرو ۽ ڪن ۾ نيرو ڏسبو آهي، گرم ملڪن جي ماڻهن جو تارو ڪارو ٿئي ٿو، جنهن ڪري گهٽي روشنائي ڪٽي سگهي ٿو ۽ سرد ملڪن جي ماڻهن جو تارو شيرو ٿئي ٿو.

(3) **ماڻڪي-** تاري جي وچ ۾ هڪ ڪارو داغ ڏسبو آهي، جو سچ پچ هڪ سوراخ آهي، ان کي اک جي ماڻڪي يا دري چئبو آهي. اها اونده ۾ وڏيڪ کلي ٿي ۽ ڏينهن جو روشنيءَ ۾ سسي ٿي، جيئن ڏينهن جو گهٽي روشنائي نفيس تنتي پردي تي پئي ڪيس نقصان نه رسائي، تنهن ڪري اونهاري ۾ ڏينهن تتي جو ٻاهر گهمڻ نه گهرجي. ٻليءَ جي تاري جي ماڻڪي اونده ۾ ايترو ڪلندي آهي، جو اونده ڇتو ڏسي سگهندي آهي، جنهن ڪري ڪوئن کي سهنجائي سان شڪار ڪري سگهندي آهي.

سويت منڊل يا قرني پردو- ٻاهرين هوا يا مٽي تاري يا ماڻڪي کي نقصان نه پهچائي، تنهن لاءِ مٿان سخت ۽ شفاف پردو ڏنل آهي جو ڏسڻ ۾ نه ايندو آهي. ان کي چئبو آهي سويت منڊل يا قرني پردو.

(4) **اک جي اڃاڻ-** اک ڏي نهارڻ سان تاري جي چوڌاري اک جي اڃاڻ نظر ايندي اهو به هڪ پردو آهي، جو سويت منڊل سان اهڙيءَ طرح جڙيل آهي، جيئن واچ جي شيشي جو پڙ ان جي روپي يا سوني خاني ۾ جڙيل ٿئي ٿو.

(5) **لينس-** ماڻڪيءَ جي پٺيان بلوري ڪاچ يا لينس رکيل آهي، جو شفاف ۽ رٻڙ وانگر لچڪدار آهي، ان جي شڪل ڪٽمنڙي يا ليمي جي ٽڪيءَ وانگر آهي، يعني پيٽ ۽ پٺيءَ ٻئي نڪتل ۽ پاسن کان سلامي اٿس. هيءُ نظر کي چٽائي بخشي ٿو. پيريءَ ۾، اک يا مغز کي سخت چوٽ لڳڻ سبب يا ڪم طاقتيءَ سبب لينس (بلوري ڪاچ) غير شفاف ٿي پوندو آهي، جنهنڪري نظر گهٽبو گهٽجي ويندي آهي، جنهن کي موتيو پاڻي چئجي ٿو. ڪيس آپريشن ڪرائي ڪڍائي ڇڏڻ سان نظر وري چٽي ٿيندي آهي.

(6) لڳ لڳ واري مال جي ڳوتري- لينس جي پٺيان جو پور آهي، سو سڄو لڳ لڳ واري مال سان ڀريل آهي: اهو لڳ لڳ وارو مال به شفاف آهي، جو اک کي


www.sindhsalamat.com
سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

قسڻ کان بچائي ٿو ۽ لينس کي مقرر جاءِ تي بيهارڻ ۾ مدد ڪري ٿو.

(7) اک جي آرسي- لڳ لڳ واري مال جي پٺيان آهي اک جي آرسي، جا پيالي مثل آهي، جنهن تي شيءِ جو عڪس ٺهي بيهي ٿو.

(8) ڪارو پردو- جيئن آرسيءَ جي پٺيان جا وار لڳل ٿيندو آهي، تيئن اک جي آرسيءَ پٺيان هي ڪارو پردو آهي.

(9) نظر جي نس- مغز ۽ اک جي آرسيءَ جي وچ ۾ هڪ تار پهچائيندڙ نس آهي، جا عڪس جي سڌ مغز کي ڏئي ٿي، جنهن کي نظر جي نس چئبو آهي.

## ڏسجي ڪئين ٿو

روشنيءَ جا ڪرڻا سويت منڊل (قرني پردي) مان لنگهي پتليءَ (تاري) جي ماٽڪيءَ جي سوراخ مان گهري وڃي، لينس (بلوري ڪاچ) تي پون ٿا، اتي سنها سوڙها ۽ چٽا ٿي، ان مان لنگهي لڳ لڳ واريءَ ڳوتريءَ مان رستو ڪري وڃي اک جي آرسيءَ تي عڪس ٺاهي بيهارن ٿا، پوءِ نظر جي نس مغز کي خبر ڏيندي آهي، تڏهن ڏسي سگهبو آهي. جيڪڏهن اهو مغز جو ٽڪر ڪڍي ڇڏجي ته جيڪر اصل ڏسي نه سگهجي.

ٻن اکين جي ضرورت- (1) اتفاق سان جيڪڏهن هڪ اک خراب ٿي پوي، ته ٻي اک سان هلي چلي سگهبو. (2) مفاصلي جي ڪٿ ڪرڻ لاءِ به اکيون ضروري آهن، جو هڪ اک سان پوري خبر ڪا نه پوندي. جيئن هيٺئين تجربي مان معلوم ٿيندو:—

تجربو- هڪ اک پوري، کٻي هٿ جي ڏسٽي اڱر پريان جهلي، ان جي چوٽيءَ سان سڄي هٿ جي ڏسٽيءَ جي چوٽي پري کان آڻي ملائڻ جي ڪوشش ڪريو، مگر هڪ اک هن آڱر جي مفاصلي جي ڪٿ ڪري نه سگهندي، انهيءَ ڪري سڄي آڱر ان جي اڳيان يا پوئتان اچي ويندي.

## اک جا عيب

(1) نظر ٻن قسمن جي گهٽ ٿيندي آهي: هڪ ويجهي نظر گهٽ ۽ ٻيو دور نظر گهٽ. پهرين قسن جو عيب تڏهن ٿو ٿئي، جڏهين اک جو گولو گولائي ۾ ننڍو ٿي ٿو وڃي جنهن ڪري شيءِ جو عڪس پڙدي تي نه ٿو پوي، پر ان جي پٺيان ٿو پوي. انهيءَ حالت کي درست ڪرڻ لاءِ ماڻهوءَ کي اهڙو عينڪ جو لينس يعني شيشو ڪم آڻڻ گهرجي، جنهن جو وچ ٿلهو ۽ پاسا سنها هجن، جيئن روشنائيءَ جا ڪرڻا ٻتي موڙ کائي تنتي پڙدي تي اچي پون. ٻئي قسم جو عيب تڏهن ٿو ٿئي، جڏهن اک جو گولو بيضي وانگر ڊگهو ٿي ٿو پوي، جنهنڪري شيءِ جو عڪس پڙدي تي پوڻ بدران ان جي اندرين پاسي تي ٿو پوي. انهيءَ حالت کي سڌارڻ لاءِ ماڻهوءَ کي لينس يعني



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

شيشو اهو ڪم آڻڻ گهرجي، جنهنجو وچ سنهو ۽ پاسا ٿلها هجن. جيئن ان جي مدد سان روشنائيءَ جا ڪرڻا پهريائين پڪڙجي پوءِ اک واري لينس يعني بلوري ڪاچ منجهان ڦري، وڃي برابر تنتي پڙدي تي پون ٿا.

## اک جون بيماريون

## نظر گهٽ ٿيڻ جا سبب

1 – نظر جو سڄو مدار لينس تي آهي، ڪي ماڻهو گهڻو وقت ويجهو نهارڻ جو ڪم ڪندا آهن، تہ انهن جو لينس ويجهو نهارڻ تي هري ويندو آهي ۽ اها مقرر جاءِ وٺي بيهندو آهي، جنهنڪري انهن جي پري نظر گهٽ پوندي اٿن. ساڳيءَ طرح ڪن ماڻهن جي وري ويجهي نظر گهٽ پوندي آهي. (2) خراب ٽمڪندڙ (ٿوريءَ) روشنائيءَ ۾ پڙهڻ سان اکين ڪي ڏاڍو تاپيو پوي ٿو، جنهنڪري نظر گهٽ ٿئي ٿي. (3) گهڻي پڙهڻ ۽ ويجهو ڪم ڪرڻ سان بہ نظر جهڪي ٿئي ٿي. (4) تمام سنها اکر پڙهڻ يا لکڻ سان (5) ٺيڪ ڏيڻ ۽ سمهي پڙهڻ سان بہ اکين تي گهڻو زور لڳائڻو پوي ٿو، ڇو تہ اسان جو لينس ويهي پڙهڻ سان ڪتاب يا ڪاغذ ضرور پيو لڏندو ۽ ساڳئي وقت بدن ۾ مٿو بہ پيو لڏندو، تنهنڪري اکين جي لينس تي اکرن ڪي چٽيءَ طرح ڏسڻ لاءِ وڌيڪ زور لڳائڻو پوندو، جنهن ڪري ان ڪي نقصان رسڻ جو امڪان آهي (7) بدن ڪي بک جي ڪري ضعيف ڪرڻ سان بہ نظر گهٽ ٿئي ٿي. (8) تکي روشنائيءَ يا اس ۾ گهڻو وقت رهڻ سان بہ گهٽ ٿئي ٿي. (9) اونهاري ۾ پيرين اگهاڙو گهمڻ سان بہ نظر خراب ٿئي ٿي، ڇاڪاڻ تہ پيرن جي ترين جو تنتون سڌو مغز سان ڳنڍيل آهن، جنهنڪري مغز ڪي گرميءَ رسڻ سبب نظر گهٽ ٿئي ٿي. (10) جتين ۾ بوٽن ڪي نال ۽ ڪوڪا هڻائڻ مان بہ ساڳي طرح نقصان آهي، جو لوهہ جي گرمي پيرن جي ترين ڪي رسي ٿي ۽ اها گرمي وري مغز ڪي رسي ٿي. (11) پڙهڻ وقت بتي اکين اڳيان رکڻ بہ نظر ڪي گهٽائي ٿو. (12) سج ڏانهن يا تيز بجليءَ ڏانهن ديک ڏيئي نهارڻ سان تنتون ناس ٿي وينديون ۽ انڌو ٿي پئبو. (13) دونهين ۾ گهڻو وقت وهڻ سان بہ نظر گهٽ ٿيڻ جو امڪان آهي. (14) مغز ڪي چوٽ لڳڻ سان بہ نظر گهٽ ٿيڻ جو امڪان يا خطرو آهي.

## ڪم نظريءَ ڪي ٽارڻ جا اپاءُ

(1) مٿي ڏيکاريل ڪم نظريءَ جا جيڪي سبب آهن تن کان پاڻ بچائڻ گهرجي. (2) جڏهن سنهون ڪم ڪرڻو پوي، تڏهن وقت بہ وقت نظر ڦيرائي دور مفاصلي ڏانهن چتائي نهارجي، ائين ڪرڻ سان اک جو لينس پري شين ڏانهن بہ ڏسڻ تي هوندو ان لاءِ لغڙ اڏائڻ ۾ ڪرڪيٽ ۽ فوٽ بال ڪرڻ چڱي آهي. (3) سج جي تکيءَ روشنائي ۾ يا وارياسي ميدان لتاڙڻ وقت ڪاري يا سائي ٿڌي عينڪ پائڻ گهرجي. (4) جيترو ٿي



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

سگهي اوترو سٺي هوا، سٺو ڪاڏو ۽ ڪسرت ونجي ۽ پوريءَ روشنائيءَ ۾ رهجي ۽ پاڻ کي تندرست رکجي. (5) اکين کي هميشه صبح جو ٿڌي پاڻيءَ سان ڌوئجي. (6) اک ۾ بيماري ٿئي ته ڪنهن نيم طبيب جي دوا اک ۾ نه وجهجي. (7) پڙهڻ مهل ڪتاب تي ڪبي پاسي کان روشنائي پوڻ گهرجي. (8) سائي رنگ جون چمنيون، رومال ۽ جاءِ جون پتيون هئڻ گهرجي. (9) رات جو ماني کائڻ بعد کليل هوا ۾ دور نهاري وڏا ساهه کڻڻ به نظر وڌائڻ ۽ ڪمر نظري ٽارڻ جو عمدو علاج آهي. (10) رات جو ماني کائڻ بعد آلن سٽين هٿن سان اکين جي ڇپرن کي ٻه ٽي دفعا مهٽڻ به چڱو آهي. (11) چانڊوڪيءَ رات جو چنڊ ڏانهن ڪجهه وقت نهارڻ سان اکين جي روشنائي وڌي ٿي.

## ڪن ۽ ٻڌڻ

ڪن جي بناوت سڌ پڌ فوني وانگر آهي، جيئن ته:—

(1) ٻاهريون ڪن يا بونب- هيءُ فوني جي بونب جي شڪل جهڙو ڪچڙي ڪنڊي ۽ چمڙيءَ جو ٺهيل آهي. هن وٽان هڪ انچ ڊگهي نلي شروع ٿئي ٿي، جا ڪيس وچين ڪن سان ڳنڍي ٿي. بونب آواز جون لهريون گڏ ڪري سوراخ ۾ موڪلي ٿو.

ڪن جو سوارخ- هن ۾ سنهڙا وار ۽ نلي آهي، جي وقت بوقت ڪن جي صفائي ڪري هڪ ميڻ جهڙي ڪوري شيءِ (جنهن کي ڪن جي مر چئبو آهي) ٺاهين ٿا. جنهن جي ڪري ٻاهريان جيت اندر نه ٿا گهري سگهن ۽ ميڻ سبب نلي خود نرم رهي ٿي. انهيءَ ڪري ڪن جي مر (ڪوڙي ميڻ) ڪيائڻ نه گهرجي. بيڪار مر ازخود ڳوڙهي ٿي ڪن مان ٻاهر نڪري ويندي آهي.

(2) وچون ڪن- هن ۾ هڪ پڙدو (دهلڙي) آهي، جنهن سان هڪ ٻئي پٺيان ٽي هڏا آهن: (1) مترڪي جي شڪل جهڙو (2) سنداڻ جهڙو ۽ (3) رڪيب جهڙو. رڪيب جهڙو هڏو اندرين ڪن سان لڳل آهي. وچين ڪن جي تري ۾ هڪ نلي آهي، جنهن جي وسيلي اهو ياڳو وات سان به ڳنڍيل آهي، انهيءَ لاءِ ته دهلڙيءَ جي ٻنهي پاسي هوا جو داٻ هڪ جيترو ٿئي. جيئن اها دهلڙي ڦاٽي نه پوي.

(3) اندريون ڪن- هيءُ هڪڙو سنک (ڪوڏ) وانگر هڏائون ٿانءُ آهي، جنهن کي پيچدار گهٽي چون ٿا، جنهن ۾ هڪ قسم جي پاٽيٽ شيءِ پيل آهي، ان پاٽيٽ ۾ ٻڌڻ جي حواس جي تنتن جون پڇڙيون بيٺل آهن.

ٻڌجي ڪيئن ٿو- ٻهريائين آواز جون لهرون بونب ٽائين وڃن ٿيون، جتان سوڙهيون ٿي ڪن جي سوراخ مان لنگهي وڃي پردي يا دهل کي لڳن ٿيون، جو تحرڪ ۾ اچي مترڪي کي تحرڪ ڏئي ٿو، اهو مترڪو وري پيچدار گهٽيءَ واريءَ


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

پاڻيٺ شيءِ کي پهچائي ٿو، جتان اهو آواز ٻڌڻ جون تنتون مغز کي پهچائين ٿيون، تڏهن، ٻڌجي ٿو.

وچين ڪن واريءَ دهلڙيءَ جي سنيال- هي دهلڙي اهڙي ته نازڪ آهي، جو ڪڏهين ڪڏهين ٻار جي ڪن ۾ زور سان ڦوڪ ڏيڻ سان يا تمام وڏي آواز ٿيڻ سان ڦاٽي به پوندي آهي ۽ ٻار ٻوڙو ٿي پوندو آهي. ٺاٺارڪو ڏنڊو ڪندڙ ماڻهو به انهيءَ ڪري ٻوڙا ٿي پوندا آهن، جو سخت ٺاٺا جي آوازن ٻڌڻ ڪري دهلڙي خراب ٿي پوندي اٿن. ڪن ڪڏهين کوٽڻ نه گهرجي، جيتوڻيڪ ميڻ دهلڙيءَ جو گهڻ بچاءُ ڪري ٿي، تڏهين به جيڪڏهين ڪن ۾ تمام گهڻي ميڻ چڙهي وڃڻ ڪري ڪن خراب ٿئي، ته ان کي ڪار جي پاڻيءَ سان يا هئڊروجن پر آڪسائيڊ سان ڌوئي ڇڏجي.

ڪن جو سور- ڪن جو سور ٻن سبب ڪري ٿئي ٿو، هن طرح :-

1 — پردي ۽ پيچدار گهٽيءَ جي وچ ۾ جنهن هنڌ مترڪو رکيل آهي، اتي خال آهي، جو هوا سان ڀريل آهي، اها هوا نڙيءَ مان هڪ نليءَ جي وسيلي اچي ٿي ۽ وقت به وقت ڦري گهري پردي جي اندرئين پاسي صفائي ڪندي رهي ٿي، مگر جڏهن ڪليون يا ڪاڪڙو لهي پوندا آهن، تڏهين ان نليءَ جي وسيلي هوا جي مٽ سٽ پوريءَ طرح نه ٿي سگهي، جنهنڪري اندر خارش ۽ سور پيدا ٿئي ٿو.

2 — بونب جي لڳو لڳ جيڪو ڪن جو سوراخ آهي، ان ۾ وار ۽ نليون وقت به وقت سوارخ ۽ پڙدي جي صفائي ڪري ميل ٻاهر ڪڍن ٿا، جيڪڏهن وقتي اها ميل ٻاهر نڪري نه ٿي سگهي، ته صفائيءَ ۾ رنڊڪ پوي ٿي، جنهنڪري خارش ۽ سور پيدا ٿئي ٿو.

ڪن جي ٻوڙاڻ- (1) ڪن جي سور ۾ ڪن کوٽڻ سبب وقتي ميل اندر ڄمي پوي ٿي ۽ گهٽي کوٽڻ سبب وقتي ڦٽ ٿي پون ٿا، جنهن ڪري ٻڌي نٿو سگهجي. (2) ڪن جي سور سبب وقت به وقت نيم حڪيمن جي گهٽين دوائن وجهڻ ڪري اهي دوائون اندر ڄمي ڏپ ڪيو ڇڏين. (3) ڪن ۾ پانيءَ پوڻ سبب اهو ٻاهر نه ٿو نڪري سگهي، جنهن ڪري ڏپ ٿئي ٿو ۽ گهٽي وقت گذرڻ ڪان پوءِ ڪن ۾ سخت سور ٿئي ٿو. (4) ڪڏهن ڪڏهن اچانڪ تمام وڏو توب جهڙو آواز ٻڌبو آهي، ته ان ڪري ڪن جو پردو زخمجي پوندو آهي ۽ ٻوڙو ٿي پئبو آهي. (5) نيم حڪيمن ڪان گهٽيون ۽ زور سان پچڪاريون هڻائڻ ڪري به وقتي پردو زخمجي پوندو آهي ۽ وقتي ته پردو ڦاٽي پوندو آهي، جنهن ڪري اهو ماڻهو صاف ٻوڙو ٿي پوندو آهي ۽ ڪيترو به ڏاڍيان ڳالهائبو آهي، ته نه ٻڌي سگهندو آهي. (6) ڪن ماڻهن کي ڄمندي ڪان ٻوڙاڻ ٿيندي آهي، ۽ اهي آواز ٻڌي نه سگهندا آهن، جنهنڪري ڳالهائڻ به نه سکندا آهن ۽ گنگا ٿي پوندا آهن.

علاج- (1) جيڪڏهن ڪن ۾ گند رهيل هجي ته پهريائين هئڊروجن پر


www.sindhsalamat.com
سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

آڪسائيڊ سان صاف ڪجي (2) جي ان سان صفا نه ٿئي ته پوءِ ڪن ۾ گلسرين وجهڻ گهرجي جا سور لاءِ به سٺو علاج آهي (3) ان ڪان پوءِ ٽنچر آيوڊين (ڳاڙهي دوا) تمام ٿوري انداز ۾ ترن جي تيل سان گڏي ان جا ڦڙا ڪن ۾ وجهجن. ته ڪن صفا به ٿيندو ۽ ڦٽ به ڇٽي ويندا (4) جي انهن علاجن مان به فائدو نه ٿئي، ته گرم پاڻي لاٽ ڪري وجهجي ۽ ٻه ٽي منٽ جهلي ڇا چولي ڪدي ڇڏجي. هن سان جي اندر پاڻي پيو هوندو ته اهو به نڪري ايندو (5) جي ان سان به پوريءَ طرح فائدو نه ٿئي ته پوءِ پاڻي گرم ڪري ان ۾ پوئٽشم پر ميگنيٽ گڏائي، ڪنهن قابل ڊاڪٽر ڪان پچڪاريءَ سان ڪن صفا ڪرائجي جيئن پردي ڪي نقصان نه پهچي (6) جيڪڏهن ڪلين ۽ ڪاڪڙي جو سبب هجي، ته پهريائين انهن جو علاج ڪرائجي پوءِ ڪن پاڻهي صفا ٿي ويندو (7) جي ڪن ۾ ڏاڍو سور هجي، ته ڪن جي ٻاهران رڳن ڪي گرم تيل جي مالش ڪجي يا اٽي جو چاڻ ۽ لوڻ گرم ڪري ان جي ٽاڪور ڪجي، ته سور لهي ويندو (8) ڪن ڪي ڪوٽائڻ اصل نه گهرجي (9) وقتي ڪچي ڪير جا ڦڙا ڪن ۾ وجهڻ به فائديمند آهن.

ڪن جي مر- هيءُ ميڻ جهڙي ڪڙي رطوبت ڪن جي غلاظت آهي، هيءُ ڪيترين بيمارين ۾ اڻ گس علاج آهي، جيئن ته :–

(1) جيڪڏهين سياري ۾ ٽڏ ڪري هٿ پير ڦٽي پون ته ڪن جي مر لڳائڻ سان فائدو ٿيندو. (2) نانگ ڏنگيل ماڻهوءَ کي چٽي جيتري ڪن جي مر کارائڻ سان فائدو ٿيندو. (3) چيت يا ڪندو لڳي ته اهو ڪدي، ڪن جي مرلائبي ته پاڻي نه چورائيندو. (4) جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ زهر کاڌو هجي، ته ڪن جي مر دن تي مهٽڻ سان ٿورو ۽ پيشاب خلاصو ايندو ۽ زهر جو تاثير گهٽجي ويندو.

## نڪ ۽ سنگهڻ

نڪ جي چت هڏائينءَ تاڪيءَ جي ٺهيل آهي، هيءُ هڪ پڙدي جي وسيلي ٻن ناسن ۾ ورهايل آهي. جن ۾ سوارخ آهن. جن جي مٿئين پاڱي ۾ سنگهڻ جي تنتن جون پچڙيون آهن، جي هر قسم جي بوءِ ڪٽي مغز ڏانهن پهچائن ٿيون، جنهنڪري بانس جي سڀ خبر پوي ٿي. نڪ جو هيٺيون پاو هوا کي گرم ڪري ٿو. نڪ جي اندر هڪري پاڻيٺ پيئي نهي، جا ان کي گهميل رکي ٿي. جيڪڏهين نڪ خشڪ هوندو، يا ليس يا ڪنهن ٻيءَ بيماريءَ جي ڪري اندران سڃي پوندو، ته سنگهڻ جو حواس ڪم طاقت ٿي ويندو آهي. ڪن جانورن جو سنگهڻ جو حواس اهڙو تيز ٿئي ٿو، جو اڪين سان ڏسڻ ڪان سواءِ ئي پنهنجي شڪار جي سڌ پئجي وجين ٿي.

زڪام يا ليس- وقتي گرميءَ يا گهٽيءَ ٽڏ سبب نڪ جا پاسا سڄي پوندا آهن، ان ڪري نڪ ڦٽجي پوندو آهي، جنهن ڪري نڪي چڱو ساهه ڪٽي سگهبو آهي، نڪي شيءِ جي بانس ئي معلوم معلوم ٿي سگهندي آهي ۽ نڪ مان پاڻي پيو وهندو


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

آهي، يا نڪ بند ٿي ويندو آهي، تنهن کي ڇئبو آهي، تہ ليس ٿيو آهي. ليس جي وقت ۾ ساهہ گهٽو ڪري وات سان ڪٽبو آهي.

علاج- نڪ سٽڪي صفا ڪري ڪوشش ڪري نڪ مان اونهو ساهہ ڪڍجي ۽ گهٽو ڪري کپي پاسي واريءَ ناس ۾ ڪپہ يا آڱري وجهجي، سڄي پاسي واريءَ ناس مان ساهہ ڪڍجي. (2) جيڪڏهن ڇڪون گهٽيون اچن ۽ هلاڪ ڪن تہ مٿئين چپ کي مٿين ڏندن تي هٿ جي مدد کان سواءِ دٻائجي. (3) نڪ کي آڱوٺي ۽ آڱر جي وچ ۾ جهلي ٻہ چار دفعا زور سان مهٽجي جيئن نڪ گرم ٿئي. (4) جي ٿڌ ڪري نڪ پٽجي پوي ۽ مغز ڳورو ٿئي ۽ ڇڪ اچڻ جي ضرورت سمجهجي تہ ڪپڙي جي وٽ ٺاهي ناس ۾ لنگهائجي، تہ ڇڪ ايندي ۽ مغز کلي پوندو. (5) جي نڪ وهندو هجي ۽ پيٽ ۾ ڪا تڪليف هجي تہ هڪ ويلو نہ کائجي. (6) جي مغز ڪمزور هجي تہ طاقت واري شيءِ کائجي جيئن مغز کي طاقت اچي. (7) ٿڌ ڪري مٿي ۾ سور ٿئي ۽ نڪ وهي تہ لوڻ ۽ واري ڪوسي ڪري ٽاڪور ڪجي يا رات جو سمهڻ مهل ٿڪندڙ پاڻيءَ جي ٻاڦ نڪ کي ڪجهہ وقت ڏجي ۽ مٿي کي ڪپڙو ٻڌي سمهي پئجي، يا سهندڙ گرم پاڻيءَ ۾ ڪجهہ وقت پير رکڻ گهرجن.

## جيڀ ۽ چکڻ

وات جي اندر جيڀ آهي، جنهن جي مٿان ڪاڪڙو ۽ پاسن کان ٻہ ڪليون اٿس جيڀ رڳن جي ٺهيل آهي، مٿان هڪ ٿلهو پوش چڙهيل اٿس. جيڀ جي مٿان آڱر ڦيرائڻ سان معلوم ٿيندو، تہ لسي نہ آهي، مگر مٿان داڻ داڻ وانگر ڳوڙهيون نظر اينديون، جن ۾ تنتن جا مچا لڳل آهن، اهي تنتون شين جو سواد سهي ڪري مغز کي پهچائن ٿيون. جيڀ جي ڇهنب سان مناڻ، ۽ سندس پاسن سان ڪٽاڻ ۽ پڇاڙي (ڪاڪڙي واري پاڳي) سان ڪوڙائڻ جي سڌ پوي ٿي.

فائدا- (1) جيڀ چکڻ جو حواس آهي، جنهن مان شين جي سواد جي خبر پوي ٿي. (2) جيڀ هيڏانهن هوڏانهن ورائڻ ڦيرائڻ سان ڪاڏي چٻاڙڻ ۾ مدد ڪري ٿي. (3) جيڀ جي وسيلي ئي ماڻهو ڳالهائي سگهي ٿو.

## چمڙي ۽ ڇهڻ

سڄي بدن ۾ تنتن جون پڇڙيون چمڙيءَ سان لڳل آهن، جنهنڪري ڪنهن شيءِ جي بدن سان لڳڻ جي خبر يڪدم مغز کي پهچي ٿي، انهيءَ ڪري اسين گرم، سرد ۽ ايذاءُ رسائيندڙ شين جي اثر کان پاڻ کي بچائي سگهون ٿا، انهيءَ ڪري چمڙي سڄي بدن لاءِ چٽڪ هوشيار پهريدار آهي.

چمڙيءَ جي ڇهڻ جي خاصيت ساري بدن ۾ هڪ جيتري نہ آهي، پر ڪٿي گهٽ


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

ڪٽي وڌ. جيئن تہ آڱرين جي چوٽين، چپ جي منهن ۽ چپن جي ڪنارن وٽ خاص گهٽي آهي ۽ ٻچيءَ جي پنيان گهٽ آهي.

چمڙي ڇهڻ جي وسيلي هيٺين حقيقتن جي خبر ڏئي ٿي:–

(1) شڪل، نمونو، سختي، نرمي، ڪهراڻ، لساڻ ۽ ٽڪاڻ وغيره. جي، هن طاقت جي وسيلي انڌا بہ آڱر ڦيرائڻ جي وسيلي پڙهي سگهن ٿا. (2) شيءِ جو وزن معلوم ڪجي ٿو. (3) گرميءَ ۽ سرديءَ جي خبر ڏي ٿي.

وار- هيءُ نهن وانگر رڳو ڪل جي مٿئين تهہ جي واڌ جو نتيجو آهن. وارن ۾ تنتون وغيره ڪو نہ آهن، جنهن ڪري وار ڪترائڻ ۾ سور اصل ڪين ٿئي ٿو. ڪل جي اندر وارن جي پاڙن وٽ ٿيلهيون آهن، انهن ڪان مٿيرو تيل جون ڳوٽريون آهن، جن مان تيل نڪري ڪل کي نرم ۽ سٽيو رکي ٿو. وارن کي مشڪون بہ آهن، جن جي سبب سان وار ڪڙا ٿي سگهن ٿا، جيئن تہ خوشيءَ يا جوش جي وقت وار ڪڙا ٿيندا آهن.

### سوال

1 – ڪل حواس ڪهڙا آهن ۽ سندن مختصر ڪم ٻڌايو؟
2 – اک جا ڪهڙا ڀاڱا آهن ۽ اک سان ڏسجي ڪئين ٿو؟
3 – نظر گهٽ ٿيڻ جا سبب ۽ ان جا علاج ٻڌايو؟
4 – ڪن جي بناوت ڪولي سمجهايو ۽ ٻڌجي ڪئين ٿو؟
5 – ڪن جي سور لاءِ ڇا ڪجي؟
6 – ڪن جي مر ڪهڙين حالتن ۾ مفيد آهي؟
7 – ريزش ٿيڻ جا سبب ۽ ان جا علاج ڪولي ٻڌايو؟

## ڀاڱو ٻيو

### تندرستيءَ جي سنڀال

بدن جي بناوت ۽ هر هڪ عضوي جي جوڙ جڪ مان معلو ٿو ٿئي، تہ ڏٽي تعاليٰ اسان جي بدن جي ڪل اهڙيءَ ڪاريگريءَ سان جوڙي آهي، جو هوءَ پاڻ کي هر وقت هر حالت ۾ پورو رکندي ٿي اچي، جيئن تہ :– (1) پنهنجي ڪم لاءِ گهربل رت پاڻ ئي تيار ڪري (2) پنهنجي ڪوٽ بہ پاڻ ٿي ڀري (3) پگهر، ڪرپٽيءَ ۽ پيشاب جي صورت ۾ پنهنجون غلاظتون بہ پاڻ ٿي ڪڍي (4) انهيءَ طرح ڪم پوري ڪرڻ ۽ جياپي وڌائڻ لاءِ سڀ تڪليفون بہ پاڻ ٿي سهي. تنهنڪري اسان تي بہ فرض آهي، تہ ڪيس ڪاروبار پوريءَ هلائڻ لاءِ مدد ڏيندا رهون، جيئن تہ اسان جي جياپي جو مدار انهيءَ تي ئي آهي: صاف هوا، صاف پاڻيءَ ۽ سني ڪاڌي تي تندرستيءَ جو مدار


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

آهي، بدن، پوشاڪ ۽ گهرن جي صفائي ۽ نيڪ عادتن تي بہ تندرستيءَ جو مدار آهي تنهنڪري انهن تي هر وقت خيال رکڻ گهرجي.

## هوا

ذرتي هوا سان چوگرد وڪوڙيل آهي، سندس اوچائي ڪيترائي ميل ٿيندي. اسان جي مٿان سوين مڻ هوا جا آهن، تہ بہ بار معلوم نہ ٿو ٿئي، ان جو سبب اهو آهي، جو هوا اسان جي چوگرد اندران خواهہ ٻاهران پوريءَ طرح ورچيل آهي، تنهنڪري لڪائي نہ ٿي. هوا بلڪل شفاف آهي، جنهن ڪري اسان کي ڏسڻ ۾ نہ ٿي اچي، مگر جڏهن چرندي يا لڳندي آهي، تہ تڏهن معلوم ڪندا آهيون. اسان جي جيئاپي جو مدار سڄو ئي صاف هوا تي آهي. ڪاڏي ڪانسواءِ ڪجھ ڏينهن تائين جيئرو رهي سگهبو، مگر هوا ڪان سواءِ 5 منٽ بہ جيئرو گذاري نہ ٿو سگهجي. هوا نہ فقط ساهہ وارن لاءِ ضروري آهي، مگر وڻ ٻوٽا ۽ ٻاهہ پڻ هوا جي آڌار تي جيئڻ ٿا.

هوا مفرد (اڪيلي) نہ آهي، مگر منجهس ڪيتريون گئسون گڏيل آهن، جي سيئي ڪمائتيون آهن، منجهس هيٺيون گئسون آهن:—

(1) آڪسيجن (2) نائٽروجن (3) ڪاربانڪ ائسڊ گئس (4) پاڻيءَ جي ٻاڦ (5) ائمونيا ۽ ٻيون بہ ڪي گئسون.

مکيہ هيٺيون گئسون هيٺين ڀاڱن ۾ ورهايل آهن:—

آڪسيجن گئس 100 حصن مان 94 . 20 حصا

نائٽروجن گئس = = = 79 . 00 حصا

ڪاربانڪ ائسڊ گئس = = 04 . حصا

(1) آڪسيجن- هي بي رنگ، بي بوءِ، تيز ۽ منجهس سواد ڪو نہ آهي، ساهہ وارين جي جياپي جو مدار هن گئس تي آهي، هن جي ڪري ڦڦڙن ۾ رت جا غليظ جزا سڙي ٻاهر نڪرن ٿا، جنهن ڪري رت صاف ٿئي ٿو. تنهن ڪان سواءِ ٻاهہ ۽ ٻتيون بہ هن گئس جي وسيلي ٻرن ٿيون.

(2) نائٽروجن- هيءَ گئس بہ بي رنگ بي بوءِ ۽ بي سواد آهي. هيءَ آڪسيجن سان ملي، ان جي تيزي گهٽائي ٿي. جي هيءَ گئس نہ هجي ها، تہ جيڪر سڄي دنيا سڙي ڀسم ٿي وڃي ها، چو تہ آڪسيجن شين کي تڪڙو جلائي ٿي، مگر هيءَ شين کي تڪڙو ٻرڻ نہ ٿي ڏئي.

(3) ڪاربانڪ ائسڊ گئس- هيءَ بي رنگ آهي، مگر منجهس بوءِ ۽ سواد ٻئي آهن. هيءَ ساهہ ڪڍڻ، ٻاهہ ۽ ٻتين جي ٻرڻ مان پيدا ٿئي ٿي. هيءَ گئس زهري آهي جا هوا سان ملي ان کي خراب ڪري ٿي، مگر هيءَ وڻن ٻوٽن جو آڌار آهي. هيءَ هوا جي 100 ڀاڱن ۾ فقط 04 . تائين وڃي ٿئي تہ صحت لاءِ نقصان ڪار آهي.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

پاڻيءَ جي ٻاڦ- هن جي ڪري سيني ساهه وارن جو بت نرم رهي ٿو ۽ وڻ ٻوٽا تازا رهن ٿا، جي ٻاڦ نہ هجي تہ جيڪر سڀ سڪي ٽوٽ ٿي وڃن.

## هوا خراب ٿيڻ جا سبب

(1) ساهہ کڻڻ ڪري هوا خراب ٿئي ٿي. هن ريت :–

| قسم هوا جو | ساهہ کڻڻ سان جا اندر نيون ٿا | ڦڦڙن مان ٻاهر ڪيون ٿا |
|---|---|---|
| (1) آڪسيجن<br>(2) نائٽروجن<br>(3)ڪاربانڪ ائسڊ گئس | 96 . 20 حصا<br>. 79 حصا<br>.04 حصا | 4 . 16 حصا<br>19 . 79 حصا<br>41 . 4 حصا |
| جوڙ | 100 حصا | 100 حصا |

هن مان ڏسبو تہ اندر ڦڦڙن ۾ آڪسيجن ڪيتري انداز ۾ گهٽجي ٿي ۽ ڪاربانڪ ائسڊ گئس وڌي ٿي، جا ٻاهر هوا سان ملي ان کي خراب ڪري ٿي. منهن ڍڪي نہ سمهجي جيئن دم سان ٻاهر نڪتل هوا وري اندر ڦڦڙن ۾ نہ وڃي.

(2) ٻرڻ- ٻاهين ۽ بتين ٻرڻ، انجڻين هلڻ ۽ گند ساڙڻ ڪري بہ ڪاربانڪ ائسڊ گئس ۽ ٻين ڪيترن نمونن جون زهري گئسون پيدا ٿين ٿيون، جي هوا کي خراب ڪن ٿيون. انهيءَ ڪري بجلي بتيءَ ۾ اها خوبي آهي جو هوءَ نہ آڪسيجن کپائي ۽ نہ ڪاربانڪ ائسڊ گئس پيدا ڪري.

(3) شين جو ڪنو ٿيڻ- ڀاڄيون، ميوا ۽ مئل جانورن جي ڪني ٿيڻ ڪري خراب گئسون ۽ بيماريءَ جا جيوڙا پيدا ٿي، هوا ۾ گڏجي ان کي خراب ڪن ٿا.

(4) مقام ۽ مساڻ- هنن جي ڪري بدبوءِ پيدا ٿئي ٿي ، جا هوا سان ملي ان کي خراب ڪري ٿي.

(5) مٽي، ڪک، ڪاغذ، ڪوئلن جا ذرو غيره- بہ هوا ۾ پيا ڦرن گهرن، (جي دريءَ مان اس جا ڪرڻا ايندا ڏسبا تہ اهي غلاظتون ڏسڻ ۾ اينديون) انهيءَ ڪري بہ هوا خراب ٿئي ٿي.

(6) کسيون، حوضيون، ڪاڪوس، گند جي ڍڳن- مان بہ بدبوءِ نڪري ٿي، جا هوا کي خراب ڪري ٿي.

(7) مرضن جا جيوڙا- واچ لڳندي ڪيترن مرضن جا جيوڙا هوا ۾ اڏامندا وتن ٿا، جي هوا کي خراب ڪن ٿا.

(8) ڪن ڌنڌن مان خرابيون- (1) موچڪي ڪم مان بدبوءِ اٿي ٿي (2) حجامڪي ڪم مان وار ۽ ٻيون غلاظتون اڏامن ٿيون (3) ڪنيارڪي ڪم ۾ آوين ٻرڻ سبب ڪاربانڪ ائسڊگئس پيدا ٿئي ٿي، انهن سيني سبب ڪري هوا خراب ٿئي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ٿي.

(9) ڪوس جون جايون- رت ۽ اوجهرين مان نڪتل گند مان بدبوءِ نڪري ٿي جا هوا کي خراب ڪري ٿي.

## هوا صاف ٿيڻ جا رستا

جيڪڏهن هوا صاف نہ ٿئي، تہ جيڪر صفا هوا ملڻ مشڪل ٿي پوي، مگر قدرت هوا کي هر وقت صاف ڪندي رهي ٿي:

(1) وڻ ٻوٽا- ڪاربانڪ ائسڊ گئس جا ساهہ کڻڻ ۽ ٻرڻ ڪري پيدا ٿئي ٿي، سا ٻن گئسن جي مرڪب آهي:

(1) آڪسيجن (2) ڪاربان — اس جي اثر ۾ وڻن جا پن ڪاربانڪ ائسڊ گئس پاڻ ڏانهن ڇڪي ان کي ٽوڙن ٿا. جيڪو ڪاربان جزو آهي سو جذب ڪن (کائن ٿا) ۽ آڪسيجن موٽائي هوا ۾ ٿا ڇڏين، جنهنڪري هوا صاف ٿيو پوي. رات جو وڻ ٻوٽا آڪسيجن ڪا نہ ڪيندا آهن پر ڪاربان ائسڊ گئس ڪيندا آهن مگر ڏينهن جو وڻ ٻوٽا جيترو آڪسيجن ڪڍن ٿا. تنهن ڪان بلڪل ٿورو حصو رات جو ڪائن ٿا.

(2) مينهن- هي هوا کي ڌوئي، سندس غلاظتون پاڻ سان کڻي وڃي ٿو.

(3) واءُ- واءُ جي لڳڻ ڪري بيٺل هوا ۾ يڪدم ڦير گهير ٿئي ٿي، جنهن ڪري غليظ هوا ڪنهن بہ هنڌ گهڻو وقت نہ ٿي رهي، مگر ٽڙي پکڙي وڃي ٿي.

(4) اس- چوڻي آهي تہ ”جتي روشني ۽ هوا تتي ڪانهي تانگهہ طبيب جي“. اس جي ڪري ڪيترن مرضن جا جيوڙا مري وڃن ٿا. جنهن ڪري هوا صاف ٿيو پوي.

(5) ڪنوڻ- هيءُ بہ ڪيتريون غلاظتون هوا جون ساڙي ڇڏي ٿي.

(6) سمنڊ- جڏهن هوا سمنڊ وٽان لنگهي ٿي، تڏهن ڌوپي صاف ٿئي ٿي.

## هوا جي غلاظتن ۾ بيماريون

هوا جي غلاظتن مان ڪيتريون ئي بيماريون پيدا ٿين ٿيون، جن مان مکيہ هي آهن: (1) ڪنگهہ (2) زڪام (3) مٽي جو سور (4) دم ڪشي (5) نمونيا (6) ڪليون ۽ ڪاڪڙو وڏي پوڻ. ان لاءِ گهر ۽ ان جي آسپاس صاف هوا جوهئڻ بلڪل ضروري آهي.

شهرن ۾ هوا صاف رهي ۽ خراب نہ ٿئي تنهن لاءِ ميونسپالٽيون ۽ سئنيٽري بورڊن کي هيٺيان بندوبست ڪرڻ گهرجن:

(1) رستن ۽ گهٽين ۾ روز بہ دفعا صفائي ٿيڻ گهرجي ۽ يڪدم گند ڪچڻ گهرجي، جيستائين گند ڪچي تيستائين ڍِڳيون ٿيڻ نہ گهرجن، مگر هنڌ هنڌ پيپ


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

رکيل هئڻ گھرجن، جن ۾ اهو گند خواه گھرن جو گند پوڻ گھرجي. (2) گھٽين ۽ رستن ۾ مٽي نه اڏامي تنهن لاءِ روز ڇٽڪار ٿيڻ گھرجي. (3) گھٽين ۾ فرش هڻائڻ گھرجي، جيئن مينهن جي وقت ۾ پوسل ۽ گندگي نه ٿئي. (4) ڪني پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ ڪسيون هئڻ گھرجن، جي سيمنٽ ٿيل هجن، جيئن گندو پاڻي سمي زمين ۾ اندر نه وڃي پر ان جو نيڪال ڪنهن ڏورانهين زمين ۾ هئڻ گھرجي. (5) جنهن شهر ۾ ڪسيون نه هجن، اتي حوضين جو بندوبست هجي، اهي حوضيون وقت به وقت صفا ٿيڻ ۽ ڏوپڻ گھرجن. جيڪڏهن گندو پاڻي گھر يا گھٽيءَ ۾ هاربو ته سج جي تپت ڪري ان مان زهردار گئسون نڪري، هوا کي خراب ڪنديون، جي اهڙو پاڻي سيمون ڪري زمين ۾ ويندو، ته کوهن جي پاڻيءَ کي خراب ڪندو. جي ڍُبو ڪري بيهندو، ته ان مان مڇر پيدا ٿيڻ جو امڪان آهي. (6) شهرن جي گند ڪچري جو نيڪال به پري ڪنهن زمين ۾ ڪرائجي، جتي پاڻ وانگر ڪم اچي وڃي. جي ڪڏهن شهر جي ويجهو ڍير ڪرائبا ته ان مان بدبوءِ اٿي هوا کي خراب ڪندي. (7) ڪنا ميوا ۽ پاروٿيون ڀاڄيون به هوا کي خراب ڪندڙ آهن، تنهن ڪري اهڙيون شيون شهر ۾ اچڻ نه ڏجن. (8) جي بزاريون ڊڪ سان هجن ته انهن ۾ هوا جو گذر ۽ روشنائيءَ جو بندوبست ضرور هئڻ گھرجي. (9) ڪوس جون جايون شهر کان بلڪل پري هئڻ گھرجن. (10) چمر رڱڻ جون جايون ۽ ڪنيرن جون آويون شهر کان ٻاهر اهڙي طرف هئڻ گھرجن، جنهن طرف کان هوا ايندڙ نه هجي. (11) گوشت ۽ مڇيءَ جا مرڪيٽ شهر کان ٻاهر هئڻ گھرجن، گوشت خواه مڇي ڊاڪٽر يا سئنيٽري انسپيڪٽر کان پاس ڪرائي پوءِ وڪرو ٿيڻ گھرجي. (12) مقام ۽ مساڻ شهر کان پري اٽڪل ميل ڪن مفاصلي تي هئڻ گھرجن.

## رهڻ جي جاءِ ۾ صاف هوا جو بندوبست هن ريت ڪرڻ گھرجي

جيڪڏهن نئين جاءِ خريد ڪري ٺهرائڻي هجي ته هيٺين ڳالهين جو خيال شروعات ۾ ضرور رکڻ گھرجي:

پَٽُ يا پلاٽ جي چونڊ: (1) گھمر واري جاءِ نه هجي، نڪي پرسان سمر يا بيٺل پاڻيءَ جا دٻا هجن، جو ته اهي هوا کي خراب ڪندڙ آهن. (2) جيڪڏهن ڪو وهندڙ پاڻي پرسان هجي ته جاءِ ۾ سنيءَ چيڪيءَ مٽي يا ڪنڪريٽ جو پراءُ وجهائجي، جاءِ جو پٽ ڏهاڪو فوٽ مٽي ڪرائجي. (3) پراءَ ۾ گند يا ڪلراٺي مٽي وجهائڻ نه گھرجي، جيڪڏهن اهي اڳ ئي پيل هجن ته به ڪيرائڻ گھرجن ۽ وري سني مٽي وجهائڻ گھرجي. (4) پرسان موچين ۽ ڌوٻين جا گھر، ڪنيرن جون آويون ۽ سرن پچائڻ جون ڪوريون نه هئڻ گھرجن. (5) چوڌاري وڏيون جايون يا وڏا وڻ نه هجن، جيئن هوا کي رنڊڪ اصل نه ٿئي. (6) پٽ ايترو وٽڻ گھرجي، جيئن هر هڪ ماڻهوءَ لاءِ هزار


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڪعب فوٽ هوا موجود ٿئي.

جاءِ ٺهرائڻ : (1) جاءِ ۾ گهٽ ۾ گهٽ 5 فوٽ ڪنڪريٽ يا چيڪيءَ مٽيءَ جو پراءُ وجهائي، زمين ڪان مٿي ڪرائجي، جيئن مينهن جو نيڪال ۽ هوا جو گذر چڱا ٿين. (2) جاءِ جو منهن اتر سنڌ ۾ ڏکڻ اوپر ڪجي ۽ ڏکڻ سنڌ ۾ ڏکڻ اولهه ڪجي، جيئن هوا سڌي اندر اچي. (3) پٽين جو بنياد زمين ۾ پراءُ ڪان 2 – 3 فوٽ مٿي پڪين سرن جا هئڻ گهرجن ۽ ان تي سيمينٽ هٽائڻ گهرجي، جيئن سيڪ مٿي نہ چڙهي. (4) هوا جي گذر لاءِ هر هڪ ڪمري کي دريون ۽ دروازا آمهون سامهون هئڻ گهرجن. (5) ڇت جي ويجهو پٽين ۾ بادوان ۽ دروازن ۽ درين جي مٿان پچرا ضرور هئڻ گهرجن، ڇو تہ ڦڦڙن مان نڪتل هوا ڪاربانڪ ائسڊ گئس گرم آهي، جا مٿي وڃي ٿي، ان جي نيڪال لاءِ بادوان ئي ڪارائتا آهن. (6) جاءِ ۾ ڪوٺين جو ترو صفحي ڪان اڌ فوٽ مٿي ۽ ورانڊي جو اڌ فوٽ هيٺ هجي، پٽر وري ورانڊي ڪان بہ اڌ فوٽ هيٺ ڪرائجي، جيئن هوا ۽ روشنائيءَ کي رنڊڪ بلڪل نہ ٿئي. (7) پٽين کي ٿي سگهي تہ سائو يا هلڪو نيرو رنگ ڏيارجي. (8) تري کي فرش هٽائجي، جيئن صفا تري سولائي سان ٿي سگهي. (9) پٽين ۾ گهٽا جارا يا چستالي هئڻ گهرجن، ڇو تہ انهن تي ڇارو ۽ مٽي ڪٺي ٿئي ٿي، سامان لاءِ ٿوريون الماڙيون هئڻ گهرجن. (10) رڌڻو، سنان جي ڪوٺي ۽ پائخانو سمهڻ جي جاءِ ڪان پري هئڻ گهرجن ۽ پائخانو اهڙي طرح ٺهرائجي، جيئن ان جي بدبوءِ سيلاب، سنان يا رڌڻي جي ڪوٺيءَ ڏانهن نہ وڃي سگهي. پائخاني کي رستو پنيان يا پاسيرو ڪرائجي، جيئن پنگي گند جو نيڪال ڪري وڃي تہ بوءِ نہ اچي. پائخاني ۽ سنان جون جايون سيمنٽ ڪرائڻ گهرجن، جيئن پاڻي هيٺ سيمو ڪري نہ وڃي.

## صاف هوا لاءِ ٻيون خبرداريون

هوا تي اسان جي جيئاپي جو مدار آهي، تنهن ڪري هيٺين ڳالهين جو خيال رکڻ بلڪل ضروري آهي، جيئن اسان کي هوا صاف ۽ جهجهي ملي:

(1) **سمهڻ وقت خبرداري-** ڏسڻ گهرجي تہ ڪوٺيءَ ۾ هوا جي گذر کي اٽڪ تہ ڪانہ آهي، هوا جي لهر ڪوٺيءَ ۾ اچي، سڌي بدن کي لڳڻ نہ گهرجي، مگر جهجهي هوا ضرور اچڻ گهرجي.

(2) **رات جو وات ۽ منهن ڍڪي سمهڻ-** وات ۽ منهن ڍڪي سمهڻ بلڪل غلط آهي، ڇو تہ تازيءَ هوا جي بدران اها ئي هوا ڪاٽي پوندي، جا دم سان ٻاهر ڪڍبي، (جيڪا زهريلي آهي) تنهنڪري گُهٽي چڙيندي ۽ رت صفا نہ ٿيندو، جنهنڪري ننڊ ۾ فرحت تہ ڪا نہ ٿيندي، اٿلندو موڳائپ ٿيندي، ڪي مائرون ننڍن ٻارن کي لٽي ۾ ويڙهي سيڙهي سمهارينديون آهن، ڏسبو تہ انهن جو منهن


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

موگو ۽ پيلو هوندو آهي، تنهنڪري مائن کي ائين ڪرڻ نہ گهرجي.

(3) **بيمار ماڻهوءَ لاءِ هوا جو بندوبست-** بيمار ماڻهوءَ کي تازي هوا جي ضرورت بلڪل گهڻي آهي، تنهن ڪري ان جي ڪوٺيءَ ۾ تازي هوا ۽ روشنائيءَ جو بندوبست بلڪل گهڻو ڪرڻ گهرجي، دريون دروازا اصل بند ڪرڻ نہ گهرجن، نڪي ماڻهن جو ڳاهٽ هئڻ گهرجي.

(4) **رات جو دريون دروازا بند ڪري سمهڻ-** دريون دروازا صفا بند ڪرڻ نہ گهرجن، مگر ڪجهہ هوا جي گذر لاءِ ڇڏڻ ضروري آهن. ڪي ڪي ماڻهو تہ سياري ۾ درن جا پچرا ۽ بادوان بہ ڪاغذ سان بند ڪندا آهن، ائين ڪرڻ بلڪل چوڪ آهي، چو تہ رات جو بتين ۽ باهہ ٻرڻ ڪري هوا وڌيڪ خراب ٿي ٿئي ۽ وڻ ٻوٽا بہ رات جو هوا کي خراب ٿا ڪن انهيءَ ڪري ڪمرا صفا بلڪل ڪليل رکجن، جيئن خراب هوا جو نيڪال پوريءَ طرح ٿيندو رهي. آزمائش ڪري ڏٺي اٿن تہ جي ڪاربانڪ ائسڊ گئس هوا ۾ 6 ٽائين رسي ٿي تہ بہ صحت لاءِ خراب آهي.

(5) **شام جو واس ڌوپ ڪرڻ-** لوبان ساڙڻ ۽ چندن چوري ٻارڻ سان هوا صاف ٿئي ٿي، ان ۾ مرض جا جيوڙا جيڪي آهن، سي مري وڃن ٿا، جنهن ڪري تندرستي سٺي رهي ٿي ۽ بانس سٺي ٿئي ٿي.

## سوال

1 – ثابت ڪريو، تہ ڌرتي هوا سان وڪوڙيل آهي؟

2 – هوا جا جزا ۽ هر هڪ جو انداز ٻڌايو؟

3 – ساهہ کڻڻ جي رستي هوا جو هر هڪ جزو ڪيتري انداز ۾ اندر وڃي ٿو ۽ ڪيتري انداز ۾ موٽي ٻاهر نڪري ٿو؟

4 – ڪاربانڪ هوا ڪنهن جي لاءِ ڪارائتي آهي؟

5 – ساهہ وارن جي جياپي جو مدار ڇا تي آهي؟

6 – هوا خراب ٿيڻ جا ڪهڙا ڪارڻ آهن؟

7 – هوا صاف ٿيڻ جا رستا ٻڌايو؟

8 – گهر ڪهڙي هنڌ ۽ ڪيئن جوڙائجي؟

9 – ڪهڙيون خبرداريون رکجن جيئن گندي هوا ڪاٺي نہ پوي؟

10 – سئنيٽري بورڊ جا ڪهڙا فرض آهن، سي کولي لکو؟

## پاڻي

اسان جي جيئاپي جو مدار ٻيو نمبر پاڻيءَ تي آهي، ان کان سواءِ جيڪر ڪي ٿورا ڏينهن مس جيئرو رهي سگهجي، ان لاءِ ڏٺي تعاليٰ ٽي حصا پاڻي ۽ هڪ حصو



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ذرتي پيدا ڪئي آهي.

بناوت- پاڻي ٻن گئسن آڪسيجن ۽ هئڊروجن جو مرڪب آهي، پاڻي بي رنگ، بي سواد ۽ شفاف آهي.

فائدا- پاڻيءَ مان هيٺيان ڪارج سرن ٿا.

(1) پيئڻ لاءِ : پاڻي کان سواءِ نڪي کاڌو هضم ٿي سگهندو، نڪي بدن مان غلاظتون نڪري سگهنديون. اسان جي بدن ۾ 90 سيڪڙو پاڻي موجود آهي.

(2) رڌڻ پچائڻ لاءِ : پاڻي کان سواءِ ڪو به کاڌو تيار ٿي نه سگهندو.

(3) ڪپڙن ڌوئڻ ۽ ٻت کي صاف ڪرڻ لاءِ به پاڻي ڪارائتو آهي.

(4) گهرن ٺاهڻ ۽ انهن کي صاف ڪرڻ لاءِ.

(5) ڇٽڪار ۽ شهر جي صفائي لاءِ.

(6) ڪلن هلڻ: لاءِ به پاڻي جي ضرورت آهي.

(7) کيتي ڪرڻ ۽ ٻين ڪيترن ڪمن لاءِ پاڻي ڪمائتو آهي.

## پاڻي ملڻ جا رستا

پاڻيءَ جو بنياد سمنڊ آهي، جنهن مان سج جي گرمي سبب پاڻي ٻاڦ ٿي، وري مينهن جي صورت ۾ زمين تي اچي ٿو، جنهن مان ڪجهه حصو زمين مان سمي، کوهن ۽ چشمن ۾ وڃي ٿو، ٻيو موٽي سمنڊ ۾ وڃي ٿو. اهڙيءَ طرح نار وانگر چرخو پيو هلي.

پاڻي ملڻ جا مکيه هيٺيان رستا آهن:

(1) سمنڊ جو پاڻي- هي کارو آهي، تنهن ڪري پيئڻ لائق نه آهي، جيڪڏهن لاچار ڪم آڻڻ جي ضرورت ٿئي ته چڪائي پيئڻ گهرجي، جيئن دوائن مان ڪرنفل جي رستي عرق ڪڍبو آهي.

(2) ٻيلن ۽ دٻن جو پاڻي- هن ۾ زمين جي مٽي وڻن جا پن ۽ ٻيون غلاظتون ٿين ٿيون، آنرڻ کان پوءِ صاف ڏسبو آهي، مگر ان ۾ ڪيترا جيوڙا ۽ دير هضم شيون ملاوت ٿيل آهن، تنهنڪري تي سگهي ته هي پاڻي به چڪائي ڪم آڻجي، ٻيءَ صورت ۾ ڪاڙهي، ٺاري ۽ ڇاڻي ڪم آڻجي.

(3) مينهن جو پاڻي- هي ڪڪرن مان نڪرڻ وقت صاف ٿئي ٿو، مگر هوا ۽ زمين مان هلندي، انهن جون غلاظتون گهلي وڃي ٿو، مثلا مٽي، جيت، وڻيون وغيره. جي اهو پاڻي ڪم آڻو هجي ته خاص پڪن حوضن ۾ ڪٺو ڪري صفائيءَ سان ڪم آڻڻ گهرجي.

(4) ندين ۽ واهن جو پاڻي- هيءُ به پاڻ سان ڪيتريون غلاظتون ڪٺي هلي ٿو، مثلا مٽي، ڪپڙن ڌوئڻ، سنان ۽ چوپائي مال وهنجارڻ جون غلاظتون ۽ وقتي ماڻهو



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڊونڊ ۽ منجهس اڇليندا آهي. جيڪڏهن مينهن پوندو آهي ته شهر جي ڪسين ۽ ڪاڪوسن جو گند به لڙهي اچي منجهس گڏبو آهي. تنهنڪري اهڙو پاڻي پيئڻ چڱو نه آهي. مگر جي لاچار ٿئي ته آنرائي. ڪاڙهي. ناري ۽ ڇاڻي پوءِ ڪم آڻجي. جيڪڏهن وڏو درياهه هجي ۽ سندس وهڪرو تکو هجي، ته پهريائين ان جو پاڻي ڪنهن تلاءُ ۾ ڪنو ڪري ۽ ٽي ڏينهن آنرائي منجهس جيوڙن مارڻ جون دائون وجهي. پيئجي. درياهه جو پاڻي انهيءَ تلاءُ ۾ آڻجي. جنهن ۾ ڪڪري يا صاف واري پيل هجي. پوءِ اتان سيمنٽ لڳل بند ٿيل تلاءُ ۾ آڻجي. پوءِ پيئڻ جي ڪم آڻجي. جيئن حيدرآباد. سکر ۽ ٻين وڏن شهرن ۾ درياهه جو پاڻي نالن جي رستي ڪم آڻيندا آهن.

(ب) ننڍين ڳوٺن ۾ ڪن هنڌن تي ننڍين واهن جو پاڻي ڪم آڻڻو پوندو آهي. اتي پاڻي ڪاڙهڻ بهتر آهي. مگر جي ايتري تڪليف ٿي نه سگهي، ته پاڻي کي ڦٽڪيءَ جو گهڪو ڏيئي صفا ڪري ان ۾ ٿوري پوٽيشم پرمينگنيٽ وجهڻ گهرجي. 3 – 4 ڪلاڪ رکڻ بعد اهو پاڻي واريءَ ۽ ڪوئلن جي تهن ۾ ڇاڻي، پوءِ ڪم آڻڻ گهرجي. (پاڻي ڇاڻڻ جو رستو پوءِ ڄاڻايل آهي).

(5) چشمن جو پاڻي- هي پاڻي اهو آهي جو زمين ڇهي ٿي وجي. هيءُ پاڻي بلڪل سٺو آهي. ڇاڪاڻ ته زمين جي جن تهن مان ڇڻندو. صاف ٿيندو ٿو اچي. هي پاڻي ٽن قسمن جو ٿئي ٿو ۽ جهڙي ته مان لنگهي ٿو تهڙو منجهس سواد ٿئي ٿو:

(1) جيڪڏهن منجهس چاڪ ۽ چيرولي ملن ٿا. ته پاڻي دير هضم ۽ ڪارو ٿئي ٿو. ان جو آزمودو هن ريت وٺي سگهجي ٿو: جو هٿ آلو ڪري صابڻ هڻبو ته گج نه ٿيندي. تنهنڪري اهڙو پاڻي چڪائڻ ڪان سواءِ نه پيئجي.

(2) جي پاڻي سائڙو ڪتو ۽ گرم هوندو ته منجهس گندرف جي ملاوٽ هوندي. اهو پاڻي ڦٽن ڦرڙين لاءِ فائدي وارو آهي. هي پاڻي دوا طور پيئبو ته هاضمي ۾ مدد ڪندو ۽ اندر جون غلاظتون صفا ڪري ڪيندو. مگر جي گهڻو پيئبو ته دست ڪري وجهندو ۽ بيمار ٿي پئبو.

(3) جي پاڻي، واريءَ ۽ ڪوئڪن جي تهن مان آيل هوندو. ته ٿڌو ۽ مٺو هوندو. هي پاڻي بلڪل صفا پيئڻ ۾ فائدي وارو آهي. مگر جي گهڻو پنڌ وهي هلندو. ته منجهس زمين جون غلاظتون گڏجي وينديون ۽ خراب ٿيندو ويندو.

(6) تلاون ۽ ڍنڍن جو پاڻي- هي پاڻي گهڻو ڪري ماڻهو وهنجڻ. چوپائي مال کي پيارڻ. ڪپڙن ڌوئڻ ۽ ٿوري پيشاب سان خراب ڪري ڇڏيندا آهن. تنهن ڪري جي هي پاڻي ڪم آڻڻو هجي، ته مٿس حفاظت ٿيڻ گهرجي.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

(7) کوهن جو پاڻي- هي پاڻي بلڪل سٺو آهي، مگر کوهه پورن قاعدن موجب ٺهرايل هجي. کوهه گهڻن قسمن جا آهن:

(1) ٽانگها کوهه- جي ٿوري تي ئي پاڻي ڏيندا آهن. سندن اونهائي 20 – 25 فوٽ مس ٿيندي، انهن کوهن جو پاڻي جلد خراب ٿئي ٿو، ڇو ته زمين جي مٿاڇري وارين حوضين، ڪسين، ڪاڪوسن ۽ خراب تلاون وارو پاڻي سمي اچي منجهس پوندو آهي.

(2) اونها کوهه- هنن جي اونهائي 50 فوٽن کان 250 کن فوٽن تائين ٿيندي آهي، هنن جو پاڻي صفا ۽ سٺو آهي.

(3) نلن وارو کوهه- ٽانگهن کوهن ۾ وڏا نل هٽائي گهٽيءَ اونهائي تائين پاڻي آڻبو آهي، هي پاڻي به صاف آهي مگر ڪجهه وقت کان پوءِ نل بيڪار ٿي پوندا آهن ۽ مٿيون زمين واريون غلاظتون به منجهس گڏبيون آهن، جنهنڪري پاڻي خراب ٿي ويندو آهي، جي کوهه ۾ نل هٽائجن ته ان جي پاسن کي سيمنٽ هٽائڻ ضروري آهي، جيئن زمين واريون غلاظتون اندر نه اچن.

(4) ڏاکن وارا کوهه- هي پاڻي هٿن، پيرن ۽ برتڻن پوڻ ڪري خراب ٿئي ٿو، منجهانئس وار، ڪيئون ۽ ٻيا مرض پيدا ٿين ٿا. اهڙا کوهه سنڌ ۾ اڪثر ڪو نه آهن، مگر ڪڇ ۽ گجرات ۾ جام آهن.

(8) پمپ جو پاڻي- هي پاڻي بلڪل صاف آهي، سندس خراب ٿيڻ جو امڪان ڪونه آهي، تنهنڪري هي پاڻي ڪم آڻڻ چڱو آهي. هينئر سنڌ ۾ پمپن جو رواج وڌندو وڃي ٿو، خاص ڪري جتي زمين نرم آهي، اتي پمپ بلڪل سولائي سان لڳن ٿا.

## سٺي کوهه جون وصفون

(1) کوهه سٺي پڪي ۽ مٺي زمين ۾ کوٽيل هجي ۽ اونهو هجي. (2) سندس ديوار پڪين سرن جي سيمنٽ ٿيل هجي، جيئن مٿيون زمين جون غلاظتون سمي منجهس نه اچن. (3) سندس پڳ زمين کان 4 – 5 فوٽ مٿي هجي، جيئن مينهن جو گندو پاڻي وري منجهس نه اچي، مٿانئس گولائي ٿيل هجي، جيئن ڪو ٿانءُ رکي نه سگهجي. (4) سندس چوڌاري لاهه وارو فرش ٻڌل ٺلهو هجي، اهو به سيمنٽ ٿيل هجي ۽ سندس چوڌاري پاڻيءَ جو نيڪال لاءِ ڪسي هئڻ گهرجي. (5) پاڻي ڪڍڻ لاءِ پمپ هٽائڻ بهتر آهي، نه ته هڪ ئي خاص ڏول هجن، جيئن ميرا ۽ غليظ ڏلا منجهس نه پون. (6) کوهه تي وهنجڻ ۽ ڪپڙن ڌوئڻ جو ڪم نه هئڻ گهرجي. (7) کوهه کي مٿان ڍڪ ۽ پاسن کان هوا ۽ روشنائيءَ لاءِ ڳڙکيون هجن. (8) کوهه جي مٿان وڻ نه هئڻ گهرجن،


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

جيئن پن اندر وجي پاڻيءَ کي خراب نہ ڪن. (9) کوھہ جي چوڌاري ڪڏون کوہا ۽ ڏرڙ هجن تہ بند ڪرائجن. (10) مقام، مسان ۽ جانورن ٻڌڻ جون جايون ۽ پاڻيءَ جون ڪڏون پرسان هئڻ نہ گهرجن. (11) رهڻ جي جاين کان کوھہ پرپرو هئڻ گهرجي. (12) کوھہ جي پاڻيءَ ۾ پونئرا يا جيت نہ پون، تنهن لاءِ منجس هڪ مڇي يا ڪمي وجهرائڻ گهرجي، جيئن انهن کي ناس ڪندي رهي، يا وقت بہ وقت پوٽئشم پر مينگنيٽ وجهڻ گهرجي.

## پاڻيءَ جون غلاظتون

پاڻيءَ ۾ اڪثر ڪري ٽن قسمن جون غلاظتون ٿينديون آهن :

(1) اهي جي ڏسڻ ۾ اچن ٿيون، جيئن تہ مٽي وغيره.

(2) اهي جي ڏسڻ ۾ نہ اچن، جيئن تہ چاڪ چيرولي ۽ ٻيو نقصان رسائيندڙ شيون.

(3) ڪيترن مرضن جا جيوڙا ۽ زهري گئسون.

## گندي پاڻيءَ جون خرابيون

خراب پاڻي پيئڻ ڪري هيٺيون خرابيون پيدا ٿين ٿيون:

(1) وار ڪيئون، آنڊن جا ڪيئان، بدهضموي، دست، سوري، وبا، آنڊي جو نپ، پٿري ۽ ٻيا مرض پيدا ٿين ٿا. (2) خراب پاڻيءَ ۾ سنان ڪرڻ سان ڦٽ ڦرڙيون، خارش، مَلو، ڏَدُ ۽ ٻيون بيماريون ٿينديون آهن، تنهن ڪري پاڻيءَ جي صفائي تي هميشہ ڌيان ڏيڻ گهرجي. (3) دلا ۽ مٽ جن ۾ پاڻي پرجي، سي بلڪل صفا هئڻ گهرجن ۽ اهي گهڙا مجن تي رکائڻ گهرجن ۽ هميشہ ڍڪيل هجن. (4) گهگهين ۾ پاڻي پرائڻ چڱو نہ آهي، ڇو تہ اهي پوريءَ طرح صفا نہ ٿينديون آهن، جو سندن ٻوٿ سوڙها آهن، جي انهن ۾ جيوڙا پئجي ويندا تہ نڪرڻ مشڪل ٿيندا، جنهنڪري نقصان پيدا ڪندا. (5) پکالن ۾ پاڻي پرائڻ نقصان ڪار آهي، ڇو تہ هڪ دفعو ان ۾ بيماريءَ جا جيوڙا پيدا ٿيا تہ پوءِ بيماري پکڙڻ ۾ دير ئي ڪانہ ٿيندي. (6) ڏاڪٽين جي هيٺان بہ پاڻي رکائڻ نہ گهرجي، ڇو تہ جيت ۽ ڄارو پيو منجهس پوندو. (7) وڻن هيٺ پونديون ۽ وقتي نوريئڙا ۽ پکي بہ پيا پيئندا. (8) ٻن ٽن ڏينهن جو رکيل پٽي بہ خراب ٿي ويندو آهي، تنهنڪري روز بہ روز پرائڻ گهرجي.

## پاڻي صاف ٿيڻ جا قدرتي نمونا

(1) ندين ۾ هڪ ٻئي پنيان پاڻي اچڻ سبب ۽ وهڪري سبب پاڻيءَ جي صفائي ٿيندي رهي ٿي. (2) چرندڙ هوا پاڻيءَ جي غلاظتن کي ناس ڪري ٿي. (3) پاڻيءَ ۾ ڪي ٻوٽا ٿين ٿا، جي آڪسيجن ناهيندا رهن ٿا، جا آڪسيجن پاڻيءَ کي صاف ڪري


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

ٿي. (4) مڇيون ۽ ٻيا پاڻيءَ جا جانور پڻ پاڻيءَ جون غلاظتون کائي ڇڏين ٿا. (5) اس ۾ سج جا ڪرڻا پڻ پاڻيءَ جون غلاظتون ناس ڪن ٿا.

## پاڻيءَ صفا ڪرڻ جا هٿرادو نمونا

(1) ميرو پاڻي هن ريت صفا ڪجي: (الف) ڦٽڪي يا باداميءَ جي گوري جو گهڪو ڏبو، ته پاڻي آئرجي صفا ٿيندو (ب) گهگهيون ۾ مٽ جن ۾ پور هجن، تن ۾ ڪوئلن ۽ واريءَ جا ته ڏيئي انهن ۾ پاڻي وجهجي، پوءِ هيٺان ٻيو ٿانءُ رکجي ته پاڻي صفا ٿي ڇڻجي اچي هيٺئين ٿانو ۾ پوندو (ٿ) هڪ قسم جي فلٽر (ڇاڻي) سان به پاڻي ڇاڻبو آهي. (2) جي پاڻي ۾ چاڪ چيرولي وغيره هجن، ته اهو پاڻي سمنڊ جي پاڻيءَ وانگر چڪائي ڪم آڻڻ گهرجي. (3) پاڻيءَ ۾ جيوڙا يا گئسون هجن ته ٽهڪائي، ٺاري ۽ ڇاڻي پيئڻ ڪافي آهي، ٽهڪائڻ ڪري گئسون نڪري وينديون ۽ جيوڙا مري ويندا ۽ ٺارڻ ڪري منجهس آڪسيجن گئس ملي، پاڻيءَ کي صفا ڪندي.

## پاڻي پيئڻ لاءِ هدايتون

(1) اج مارڻ- رت، وار نلين جي رستي بدن جي جدا جدا ڀاڱن ۾ دورو ڪري ٿو، دورو ڪندي جڏهن گهاٽو ٿئي ٿو ۽ وار نلين مان لنگهي نه ٿو سگهي، تڏهن اج لڳي ٿي. جيڪڏهن اج ماربي ته رت پوريءَ طرح دورو ڪري نه سگهندو، جنهن ڪري بدن سست ۽ ڪم طاقت ۾ سائو ٿيندو ويندو، تنهن ڪري اج مارڻ چڱي نه آهي، اج مارڻ مان قبضي به ٿي پوندي آهي، جيڪڏهن قبضي ٿئي ته پاڻي ٻئي ٻئي ڏڪ ڪري هميشه ڪان گهڻو پئجي.

(2) کاڌي جي وچ ۾ پاڻي پيئڻ- کاڌي جي وچ ۾ پاڻي پيئڻ چڱو نه آهي، ڇو ته هاضمي جي عضون کي پاڻي ضعيف ۽ ماٺو ڪندو آهي، مگر ته به جيڪڏهن اج لڳي ته پاڻي ضرور پيئڻ گهرجي، ڇو ته اهو پاڻي کاڌي کي حل ڪري هاضمي ۾ مدد ڪندو آهي، مگر گهڻو پاڻي پيئڻ نه گهرجي.

(3) نيراني پاڻي پيئڻ- نيراني معدو خالي هوندو آهي، تنهنڪري اهڙي وقت ۾ پاڻي پيئڻ ڪري آنڊا ڦوڪجي پوندا، جنهن ڪري پيٽ ۾ سور ۽ بدهاضمون ٿيندو، مگر قبضيءَ جي بيماريءَ لاءِ نيراني پاڻي پيئڻ مفيد آهي.

(4) ڪسرت ڪان پوءِ پاڻي پيئڻ- ڪسرت ڪان پوءِ بدن گرم رهندو آهي، جيئن گرم چمنيءَ تي پاڻي وجهبو آهي، ته ڦٽي پوندي آهي، تيئن هن حالت ۾ پاڻي پيئڻ ڪري ذاتي گرمي ناس ٿيندي آهي ۽ بدهاضمون ٿيندو آهي.

## پيئڻ جون ٻيون شيون



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

(1) **تاڏليون-** قدرت اسان جي پيئڻ لاءِ رڳو پاڻي پيدا ڪيو آهي، ٻين شين جي پيئڻ مان ڪو به فائدو ڪو نه آهي. هي جو ماڻهو اونهاري ۾ تاڏليون ۽ شربت پيئندا آهن، ته گرمي گهٽ ٿئي سو اجايو آهي، ڇو ته رڳو پاڻي ئي آهي جو اسان جي ذاتي گرمي ٻجهائي (ناس ڪري) ٿو.

مثلاً الف – ڏڌ جي لسي: گهاٽو ڏڌ گرم آهي، ان ۾ پاڻي وجهي پيئبو آهي، ته تاڏل معلوم ٿيندي آهي، انهيءَ ڪري سياري ۾ پٽڙو ڏڌ نه پيئندا آهن، ته متان سردي ڪري وجهي.

(ب) کير جي لسي- کير معتدل يعني نه گرمي لائيندو ۽ نه سردي ڪندڙ آهي، مگر جي ان ۾ لوڻ ۽ پاڻي گڏي لسي ڪري پئبو آهي، ته سردي معلوم ٿيندي آهي.

(ث) شربت- مستي، ڳڙ ۽ کنڊ سڀ گرم آهن، جيڪڏهن ڪچا کائبا، ته گرمي پيدا ڪندا ۽ سخت اڃ پيدا ڪندا، مگر جي انهن ۾ پاڻي وجهي، شربت يا تاڏل ڪري پيئبا، تڏهن ئي تاڏل معلوم ٿيندي. هاڻي ڏسبو ته پاڻي ئي آهي، جو تاڏل ڪندڙ آهي ۽ طبيعت جي موافق آهي. ائين سمجهڻ ته لسي، شربت ۽ ٻيون تاڏليون گرمي گهٽ ڪندڙ آهن، سو اجايو آهي. شربت وغيره جڏهن پيئجن ٿا، ته ڪجهه وقت کان پوءِ اڃ پاڻ وڌيڪ ٿئي ٿي، ڇا ڪاڻ ته اندر بدن ۾ جڏهن رڳون پاڻي ڇهي ٿيون وجن، تڏهن اهي مناڻ وغيره پنهنجي ذاتي گرمي ڏيکارين ٿا، جنهن ڪري اڃ وڌيڪ لڳي ٿي، تنهنڪري انهن تاڏلين ۽ شربتن پيئڻ مان فائدو ڪو نه آهي، الٽو نقصان آهي، ڇو ته اهي شيون ٿوري انداز ۾ گهرج کان وڌيڪ ڪم آڻڻ طبيعت جي موافق نه آهن.

(2) **برف پيئڻ-** برف اونهاري ۾ گرميءَ ۾ ڪجهه تاڏل برابر ڪري ٿي، پر جي گهٽي ڪتب آڻبي ته جيڪا ذاتي گرمي هوندي سا ناس ٿي ويندي. جنهن ڪري کاڌو پوريءَ طرح هضم نه ٿيندو، نڪي بک چڱي لڳندي ۽ ڏندن واسطي به نقصانڪار آهي، تنهن ڪري برف پيئڻ نه گهرجي.

(3) **سوڍا پيئڻ-** سوڍا ۾ ڪاربانڪ ائسڊ گئس هترادو مليل ٿئي ٿي، تنهن ڪري هاضمي ۾ مدد ڪندڙ آهي، تنهن لاءِ وقتي دوا طور پيئڻ چڱي آهي. مگر ڪي ڪي ماڻهو صفا پاڻيءَ بدران به سوڍا پيئندا آهن، ائين پيئڻ مان بلڪل گهڻو نقصان آهي، ڇو ته پوءِ سوڍا ئي کاڌو هضم ڪندي رهندي آهي، جنهن ڪري هاضمي وارا عضوا ضعيف ٿيندي ويندا آهن، تانجو اهي بلڪل بيمار ٿي پوندا آهن ۽ سوڍا نه ملڻ ڪري کاڌو هضم ئي نه ٿيندو اٿن، جنهن ڪري ماڻهو ضعيف ۽ بيمار گذاريندا آهن، تنهن لاءِ گهٽي سوڍا پيئڻ آهي هٿ سان پنهنجي حياتي وڃائڻ.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

(4) **چانهه پيئڻ:** فائدا : (1) چانهه بدن کي ڪجهه جوش وارو ۽ تازو ڪري ٿي، جيڪڏهن ٿڪل ماڻهو پيئندو ته ڪجهه فرحت ٿيندس. (2) رات جو گهڻي تائين ڪم ڪرڻو ۽ ننڊ کي ٽارڻو هجي، ته لاچار چانهه پيئجي. (3) سياري ۾ چانهه بدن کي گرم ڪري ٿي.

نقصان- (1) چانهه قابض آهي، جي گهڻي پيئبي ته بدهاضمون پيدا ڪندي ۽ بک پوريءَ طرح نه لڳندي. (2) چانهه پيئڻ ڪري چمڙيءَ جا مسام هميشه کليل رهن ٿا، جنهن ڪري گرمي خواه سردي جهٽ اثر ڪندي، جنهن مان ڦڦڙن ونجڻ جو امڪان آهي، انهيءَ ڪري چانهه مان سراسر نقصان آهي، جيڪڏهن لاچار ٿئي ته دوا طور ڪم آڻڻ گهرجي.

ڪافي- هيءَ ٿوري ٿهڪيل پاڻيءَ ۾ وجهي، چاڙي پيئڻ گهرجي، جيڪڏهن گهڻي ٿهڪيل پاڻيءَ ۾ وجهبي ته سرهاڻ نڪري ويندي. ڪافيءَ ۾ مکيه جزو ڪئفن جو آهي، جو دل ۽ دماغ کي قوت ڏئي ٿو. منجهس ڪجهه سٽِپ به موجود آهي، تنهن ڪري چانهه کان وڌيڪ بهتر آهي، خاص ڪري پورهت ماڻهوءَ جي ٿڪاوٽ گهٽائي ٿي. هميشه لاءِ هن جو استعمال ڪرڻ چڱو نه آهي، پر دوا طور ڪم آڻڻ گهرجي.

ڪوڪو- هيءَ به ڪافيءَ وانگر هڪ وڻ جو ٻج آهي. هن ۾ نائٽروجن ۽ نشاستي ۽ سٽِپ جا حصا موجود آهن، تنهن ڪري چانهه ۽ ڪافيءَ کان وڌيڪ سٺو آهي.

(5) شراب ڀنگ وغيره: فائدا- شراب مان فائدا تمام ٿورا آهن، سو به تڏهن جڏهن ورلي دوا طور ڪم آڻجي (1) ڪجهه مرضن جي علاج ۾ اڻٽبو آهي (2) بيماري جي وقت ۾ دل کي قوت ڏيڻ لاءِ ڪم ۾ آڻبو آهي (3) بک پيدا ڪندو آهي.

نقصان- شراب پيئڻ مان هيٺيان نقصان آهن: (1) معدي تي خراب اثر ٿئي ٿو، جنهن ڪري وقتي الٽيون ٿينديون آهن. (2) سمجهه گهٽ ۽ ڪاوڙ ٿئي ٿي. (3) ڪم ڪرڻ تي دل ڪا نه ٿيندي آهي. (4) حافظو گهٽجي ويندو آهي. (5) نشي ٽٽڻ کان پوءِ ماڻهو اداس ڏسڻ ۾ ايندو آهي. (6) بعضي ته چريائي به اچي ويندي آهي. (7) شراب پيئڻ جي ڪري معدو، جگر، بڪيون ۽ دل زخمي ٿي پون ٿا. (8) مرضن کي پري رکڻ جي طاقت رت مان گهٽجي وڃي ٿي. (9) شراب حياتي گهٽائي ٿو. (10) نه رڳو ايترو پر شراب سڄي گهر جو ناموس وڃائي ٿو، مطلب شراب آهستي ڪم ڪندڙ زهر آهي.

ڀنگ- هن جي پيئڻ مان شراب وانگر گهڻا نقصان آهن. ٿورو سو جوش ڏياري چست ڪري ٿي، مگر آخر دل ٿڪجي نبل ٿيو پوي ٿي.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

## سوال

1 – پاڻيءَ جا مکيه جزا ٻڌايو؟
2 – پاڻي ڪهڙن ڪمن ۾ اچي ٿو ۽ اهو نه هجي، ته هوند ڇا ٿئي؟
3 – سرشتي ۾ اسان جي بدن ۾ ڪيترا ڪيترا حصا پاڻي جا آهن؟
4 – پاڻيءَ ملڻ جا مکيه هنڌ ٻڌايو ۽ سڀ ڪان سٺو پاڻي ڪهڙو آهي؟
5 – ڍڳن جو پاڻي پيئڻ جي ڪم آڻڻو هجي، ته ڪهڙيءَ ريت ڪم آڻجي؟
6 – ڪوئلن ۽ واريءَ سان پاڻي صاف ڪرڻ جو طريقو شڪل ڪڍي ڪولي سمجهايو؟
7 – ڪوهه نهرائڻ وقت ڪهڙيون خبرداريون ڪجن ۽ ڪوهن جا قسم ٻڌايو؟
8 – اڄ مارڻ مان فائدا ۽ نقصان ٻڌايو؟
9 – گرميءَ جي وقت سني ۾ سني ڪهڙي ٿاڌل ڪم آڻجي؟
10 – ڳڙ، مستي، مصري ۽ ڏهي انهن جو اثر اگرچ گرم آهي، ته به اونهاري جو گهڻا ماڻهو ٿاڌل طور استعمال ڪندا آهن، تنهن جو سبب ڪولي ٻڌايو؟
11 – چانهه مان فائدا ۽ نقصان لکو؟
12 – ڀنگ ۽ شراب جا عيب ثواب لکو؟

## ڪاڌو

بدن جي ڪل ۽ ٻاڦ سان ڀيٽ

(1) انجڻ ڪوئلن ۽ پاڻيءَ ڪان سواءِ هلي ڪين سگهندي، تيئن اسين به ڪاڌي ۽ پاڻيءَ ڪانسواءِ هلي ڪين سگهنداسون.
(2) جيئن ڪل ڪي ڪوئلن ۽ پاڻيءَ جي وسيلي گرم رهي ٿو تيئن انساني جسم به قدرت جي نظام هيٺ گرم رهي ٿو ۽ اها گرمي 4 . 98 درجا رهي ٿي.
(3) جيئن انجڻ ۾ گرمي وڌي ويندي آهي، ته اها ٿرما ميٽر جي وسيلي معلوم ٿيندي آهي، تمام گهٽيءَ گرميءَ ۾ ان جي سڙي وڃڻ يا بيڪار ٿيڻ جو امڪان آهي، تيئن ماڻهوءَ جي بدن ۾ به گرمي گهٽي ٿي ٿئي، ته تپ جي صورت ۾ ظاهر ٿئي ٿي، پوءِ جي اها گرمي وڌي 102 يا 103 درجن ڪي رسي ٿي، ته ماڻهوءَ جي به بيڪار ٿيڻ يعني مري وڃڻ جو امڪان آهي.
(4) جيئن ڪل مان خراب پاڻي نيڪال ٿيندو وڃي ٿو، تيئن اسان جي بدن مان خراب پاڻي پگهر جي ۽ پيشاب جي صورت ۾ نڪري ٿو.
(5) جيئن ڪل مان ڪوئلن جو دونهون مٿان چمنيءَ مان نڪري ٿو، تيئن اسان جي ڪاڌي مان ٿهيل رت جي غلاظت (ڪاربانڪ ائسڊ گئس) جي صورت ۾ نڪ يا وات مان نڪري ٿي.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

(6) جيئن ڪل ۾ ڪم ڪرڻ ڪري ڪوت پيدا ٿئي ٿي، تيئن اسان جي بدن ۾ به ڪم ڪرڻ ڪري ڪوت ٿئي ٿي، جنهن کي ڪاڌو ڀري ٿي.
ڪاڌي جو وڏيڪ ڪم- انجڻ ۾ اگر ۽ پاڻي رڳو ڪم جي طاقت پيدا ڪن ٿا، مگر اسان جي بدن ۾ ڪاڌو ان ڪان وڌيڪ ڪوت ڀرڻ، مرمت ڪرڻ ۽ واڌ ڪرڻ جو ڪم به ڪري ٿو.

## ڪاڌي جا نمونا

ڪاڌي جا مکيه به نمونا آهن: (1) حيواني (2) نباتاتي سيني ۾ سنو ڪاڌو اهو آهي، جنهن ۾ مٿي بيان ڪيل چارئي قسم ڪاڌي جا موجود هجن.

(1) کير- هي سيني ۾ سنو ڪاڌو آهي، منجهس چارئي قسم موجود آهن، انهيءَ ڪري ئي ننڍڙا ٻار کير تي پلجي وڏا ٿين ٿا. کير جلد هضم ٿيندڙ ۽ هلڪو ڪاڌو آهي، مگر چوٽي آهي ته ”کير ڏائڻ گهرجي نه پيئڻ گهرجي“ تنهن جي معنيٰ اها آهي، ته کير ڍڪ ڍڪ ڪري پيئڻ گهرجي، جيئن سولائي سان هضم ٿئي، جي گهٽو ۽ تڪڙو پي وڃبو، ته قبضي يا دست ڪري وجهندو. کير تازو ڪم آٽڻ گهرجي، رکيل کير ڪم آٽڻ چڱو نه آهي، چو ته کير ۾ ٿورئي وقت ۾ جيوڙا پئجي ويندا آهن، تنهن ڪري جي ڏڌل کير به ٽن ڪلاڪن ڪان پوءِ ڪائٹو پوي، ته کير کي ٿورو جوش ڏياري ڪائجي.
نوٽ- ٻيا ڪاڌي جا جيڪي نمونا آهن، تن مان ڪنهن ۾ ڪهڙو جزو گهٽو آهي، ڪنهن ۾ ڪهڙو، انهيءَ ڪري گهٽن قسمن جا ڪاڌا گڏي ڪائبا آهن، ته جيئن چئني قسمن جا ڪاڌا ان ۾ موجود ٿين.

(2) بيضا، گوشت ۽ مڇي- هنن ۾ نشاستي (مناڻ) واري مال ڪان سواءِ ٻيا سڀ قسم موجود آهن، مگر گرمي پيدا ڪندڙ ڀاڱو منجهن تمام گهٽو آهي، تنهنڪري گرمي اڳيئي گهٽي آهي، تنهنڪري اهڙو ڪاڌو هتي نقصان رسائي ٿو، خاص ڪري اونهاري ۾ ته گهٽو ڪائڻ نه گهرجن جيڪڏهن ڪائجن، ته انهن سان ليمون ۽ ڪتاڻ جهڙيون گرمي هٽائيندڙ شيون گڏي ڪائجن، يا سائن ڀاڄين سان سان گڏي ڪائڻ گهرجن.

(3) سنگن وارا اَن- ڪڻڪ، چانور، جوئر، ٻاجهري، مڪائي وغيره هنن ۾ اٽو يا نشاستي وارو مال موجود آهي، تنهن ڪري ساڻس ٻيا اهڙا ڪاڌا گڏي ڪائجن، جن ۾ ماس وڌائيندڙ، گرمي پيدا ڪندڙ ۽ هڏا ناهيندڙ مال موجود هجي.
ڪڻڪ ۾ سڀ گهٽ آهي، تنهنڪري ان ۾ گهه جو استعمال وڌيڪ ڪجي.
چانورن ۾ نشاستو گهٽو آهي. تنهن ڪري چانورن ۾ دال ملائڻ گهرجي.

(4) ڦرين واريون داليون- چڻا، مٽر، مڳ، مانهن، موٺ ۽ مهري وغيره هنن ۾


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

نشاستي وارو مال ۽ ماس وڌائيندڙ ٻئي موجود آهن، تنهن ڪري جيڪڏهن چانورن يا ڪڻڪ سان گڏ کائجن، ته انهن سان هڏا ڏاهيندڙ ڪاڌو يعني سبزي واريون ڀاڄيون کائجن.

هنن ۾ گوشت وانگر نائٽروجن ڀاڱو گهٽ آهي.

(5) ڀاڄيون (الف) پاڙ واريون – مثلا پٽاٽا، گجرون، گوگڙون، موريون، بصر وغيره هنن ۾ نشاستو ۽ ماس وڌائيندڙ مال موجود آهن، تنهنڪري طاقت واريون آهن.

(ب) ساوين ڀاڄيون- انهن ۾ ماس وڌائيندڙ جزو ٿورو آهي، مگر انهن ۾ هڏا ڏاهيندڙ مال يعني لوڻ جا ڪيترا قسم موجود آهن، جي بدن جي ضروري جزن هلائڻ جو ڪم ڪن ٿا

(ث) مصالح واريون ڀاڄيون- مثلا مرچ، ادرڪ ۽ ڦودنو، هي مصالح طور ڪتب آڻبيون آهن، سي هاضمي ۾ مدد ڪنديون آهن.

نوٽ- جيڪڏهن ڀاڄين جا سڀ قسم گڏبا، ته منجهن سڀ قسم جو ڪاڌو اچي ويندو، تنهن ڪري سڀ ڀاڄيون گڏي کائڻ گهرجن.

(6) ميوا- هنن ۾ ڪيترن قسمن جون قوت واريون ۽ هاضمي واريون شيون آهن، تنهن ڪري ڪاڌي سان گڏ يا ڪاڌي کان ٻتي ڪلاڪ پوءِ کائڻ بلڪل چڱا آهن.

## ميون جي رس ڪيترين بيمارين ۾ به فائدي واري آهي

ڪي ميوا تازا کائبا آهن ۽ ڪي سڪل کائبا آهن.

(1) جيڪي سڪل ميوا آهن تن مان باداميون ۽ پستا وڌيڪ سٺيا آهن، تنهن ڪري مناسب انداز کان وڌيڪ کائڻ ۾ دير هضم آهن ۽ اکروٽ، ڪاڄا ۽ نيزا سڀ سٺا آهن، ته به گهٽي انداز ۾ کائڻ چڱا نه آهن.

(2) جيڪي ميوا تازا کائبا آهن، تن مان انب ۽ ليمون ڪاڌي سان گڏ کائجن، ته هاضمون سٺو ڪندا باقي نارنگيون، انگور، صوف، ڪيلو، زردالو وغيره ڪاڌي کان پوءِ 2 – 3 ڪلاڪ رکي کائجن.

(7) تمام پڪل يا ڪچو ميوو کائڻ – تمام پڪل ميوي مان اندران خراب گئسون پيدا ٿين ٿيون، جنهن ڪري دستن جي بيماريءَ جو انديشو آهي. ڪچو ميوو وري هضم نه ٿو ٿي سگهي، تنهن ڪري ڪالرا جي بيماريءَ ۾ انهن ٻنهي کان پرهيز ڪرڻ گهرجي.

## هيٺين ڪاڌي جي شين ۾ مٺاڻ جو انداز

(1) ڪنڊ 100 سيڪڙو (2) ڪمند 96 سيڪڙو (3) ماکي 31 سيڪڙو (4) سڪل



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

انجير 74 سيڪڙو (5) ڳُڙ 69 سيڪڙو (6) مٽر 59 سيڪڙو (7) ڪڻڪ جي ماني 50 سيڪڙو (8) ڪيلي جون ڦريون 22 سيڪڙو.

## هيٺين ڪاڌي جي شين ۾ سٽپ (چربيءَ) جو انداز

(1) گھه 95 سيڪڙو (2) مکڻ 75 سيڪڙو (3) گوشت 25 سيڪڙو (4) ملائي 19 سيڪڙو (5) بيضا 11 سيڪڙو.

## هيٺين ڪاڌي جي شين ۾ نائٽروجني جزن جو انداز

(1) سنهي مڇي 36 سيڪڙو (2) مٽر 23 سيڪڙو (3) گوشت 18 سيڪڙو (4) ڪاڌ سنهي مڇي 16 سيڪڙو (5) بيضا 15 سيڪڙو

مٿئين اندازن مان معلوم ٿيندو ته مناڻ، سٽپ ۽ نائٽروجني جزو کھڙين شين ۾ سڀ کان گھٽو آهي ۽ کھڙين ۾ گھٽ آهي.

ڪاڌي جو انداز- عام طرح سان هر هڪ ماڻهوءَ لاءِ روزانو اٽڪل وزن اڍائي آنه نائٽروجني، ساڍا ست آنه نشاستي جي شين جا، ڏيڍ آنه سٽپ ۽ هڪ آنه لوڻ هئڻ گهرجي. اهو قاعدو ڪو هر هڪ انسان لاءِ بدل نه آهي، مگر هيٺيون ٽي ڳالهيون به خيال ۾ رکجن :-

(1) عمر – جيئن عمر ننڍي تيئن ڪاڌو گھٽ هئڻ گهرجي.

(2) ڪم – بازن جي پورهئي ڪندڙ ماڻهوءَ جا عضوا جلد گسندا آهن، جنهن ڪري انهيءَ کي ٻين کان سرس کائڻ گهرجي.

(3) آب هوا – ٿڌي ملڪ جي رهندڙ ماڻهوءَ کي وڌيڪ ڪاڌو گهرجي، چاڪاڻ ته هو گرم ملڪن جي ماڻهوءَ کان وڌيڪ ڪم ڪري ٿو ۽ سرد آب هوا ۾ گرم ۽ سٽپين شين جي وڌيڪ ضرورت آهي. سڀ کان سٺو قاعدو آهي ته جيتري بک هجي اوتر کائجي، پاڻ بک کان گرهه به گھٽ کائجن ته بهتر آهي.

## چڱي هاضمي جون نشانيون

ڪاڌو بدن جي واڌ جو ڪم پوريءَ طرح تڏهن ڪري سگھندو، جڏهن پوريءَ طرح هضم ٿيندو، جنهن جون هيٺيون نشانيون آهن:

(1) بدن مان جيڪو ميلو نڪرندو آهي، سو رنگ جو ڪي ڪجھه هيڊائون ڏاڍو سرو، ڪئنرو ۽ ڳنڍي جو ڳنڍو وچي هيٺ پوندو آهي ۽ چوڏاري سٽپيرو هوندو آهي. (2) ميلي جي نڪرڻ ڪري گديا جا چپ گندا ڪين ٿيندا آهن. (3) ميلي ۾ بدبو ڪين ٿيندي آهي. (4) نڪي واءُ ڪنو ٿيندو آهي. ڪاڌو هضم نه ٿيندو آهي ته نڪي طاقت ٿيندي آهي، نڪي بدن جي ڪوٽ پربي آهي ۽ نڪا واڌ ٿيندي آهي،


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

جنهن ڪري بدن ضعيف ٿيندو ويندو آهي.

## بدهاضمي جون نشانيون

(1) ڪاڌي کان پوءِ ڪٽي اوڳرائي ٿيندي آهي (2) دل ڪچي ٿيندي آهي (3) ننڊ ۾ سر سر ٿيندي آهي (4) بعضي قبضي ٿيندي آهي (5) پائخاني جو رنگ هئڊائون کين ٿيندو آهي، ڪڏهن تمام سخت ڪڏهن تمام پترو. منجهس وقتي ڪچو ڪاڌو ڏسبو آهي (6) ميلي نڪرڻ وقت گديا جا چپ خراب ٿيندا آهن (7) اندر واءُ ڪنو ٿيندو آهي (8) وقتي ميلي ۾ بدبو ٿيندي آهي.

ڪاڌو چڱي طرح هضم ٿئي تنهن لاءِ هيٺين ڳالهين تي ڌيان ڏجي:

(الف) **ڪاڌي جي چونڊ-** ڪاڌو اهڙو هئڻ گهرجي جنهن ۾ ڪاڌي جا سڀ جزا موجود هئڻ گهرجن ۽ طبيعت جي موافق هجي. سياري ۾ گرمي پيدا ڪرڻ لاءِ مناڻ ۽ سٽپ وڌيڪ ڪم آڻجي، اونهاري ۾ وري کٽاڻ جهڙيون شيون ۽ ميوا وڌيڪ ڪم آڻجن.

(1) ڪاڌو وقت بـ وقت متائي ستائي ڪائجي، جنهن ڪري هڪڙو تـ انهن مان ڪڪ نـ ٿبو، ٻيو تـ ان ۾ سڀ جزا موجود ٿي سگهندا.

(2) ڪاڌي ۾ مرچ مصالحا گهٽا نـ هجن، نڪي مناڻ گهٽو هجي، چو تـ اهو ڪاڌو اڳي ئي دير هضم آهي، ويتر چهر ۽ سواد سبب جيڪڏهن گهٽو ڪائي وجبو، تـ هاضمي جي عضون تي بوجو ٿي پوندو، جنهن ڪري فائدي جي بجاءِ التو نقصان ٿي پوندو. تنهن ڪري ڪاڌي ۾ اهڙيون شيون هجن ۽ اهڙو هلڪو هجي جو جلد هضم ٿئي. مزدور ۽ غريب جي سادو ڪاڌو ڪائڻ تا سي شاهوڪارن کان وڌيڪ تندرست گذارن ٿا، چو تـ شاهوڪار سوادي ۽ سنا طعام ڪائن ٿا، جي دير هضم آهن. (3) رات جي وقت دير هضم ڪاڌو بلڪل ڪائڻ نـ گهرجي، چاڪاڻ تـ رات جو مغز آرام ۾ رهي ٿو ۽ هاضمي جو ڪم پوريءَ طرح نـ ٿو ٿئي، جي دير هضم ڪاڌو ڪائبو تـ برٿي ۽ بدهاضمو ٿي پوندو ۽ گهٽا خواب لهبا.

(ب) **ڪاڌو تيار ڪرڻ-** (1) رنڌڻ جا باسڻ بلڪل صاف هئڻ گهرجن، جيڪڏهن ٽامي يا پتل جا هجن، تـ انهن کي قلعي ضرور ڪرائڻ گهرجي، چو تـ ٽامي جي ڪٽ زهريلي آهي (2) ڪاڌو جڏهن رڌجي تڏهن منجهس ايترو پاڻي نـ وجهجي جو رجهڻ ۾ پاڻيءَ سان گڏ ان جو قوت وارو ڀاڱو بـ اپامي هارجي وڃي (3) عام ماڻهو چانور رڌي انهن جو پاڻي اونڌي (ڪدي) ڇڏيندا آهن، ائين ڪرڻ سان چانور جو طاقت وارو ڀاڱو پاڻيءَ سان گڏ ٻاهر هليو ويندو آهي، ساڳيءَ طرح چٽا، مٽر ۽ ٻيون داليون بـ پاڻيءَ نڪتل ڪائڻ نـ گهرجن (4) ڪاڌو بلڪل چڱيءَ


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

طرح رڌل هئڻ گهرجي. جيڪڏهن کاڌو پوريءَ طرح رڌل نہ هوندو. تہ هاضمي وارن عضون کي هاضمي کان سواءِ رڌڻ جو ڪم بہ ڪرڻو پوندو. جنهن ڪري اهي ٿڪجي پوندا ۽ ڪم پوريءَ طرح ڪري نہ سگهندا. تنهن کان سواءِ جيڪڏهن کاڌو پوريءَ طرح رڌل هوندو تہ نرم. سوادي ۽ هاضمي لاءِ هلڪو ٿيندو.

(ث) **کاڌو کائڻ** (1) کاڌو تڏهن کائجي. جڏهن چڱي بک لڳي. جيڪڏهن بک هوندي ئي ڪا نہ ۽ کائبو تہ کاڌو هضم ئي نہ ٿيندو. ڇو تہ جهڙيءَ طرح اڄ تڏهن لڳندي آهي، جڏهن پاڻيءَ جي گهرج هوندي آهي. ساڳيءَ طرح بک بہ تڏهن لڳندي آهي. جڏهن کاڌي جي گهرج هوندي آهي. چوڻي آهي تہ ”گهرج ڏاران کائڻ آهي تندرستيءَ جو زيان.“ (2) ترش روئي سان يعني ڪاوڙ مهل ۽ خيالن ۾ غرق ٿيڻ وقت کاڌو نہ کائجي. نڪي کائڻ مهل ڏاڍيان کلڻ ۽ واڪو ڪري ڳالهائڻ گهرجي. ائين ڪرڻ ڪري کاڌي کائڻ جي قاعدن ڏانهن خيال نہ ٿو ٿئي. جنهن ڪري کاڌو پوريءَ طرح هضم نہ ٿو ٿئي. (3) کائڻ وقت دل هميشہ خوش رکڻ گهرجي. (4) کاڌو تمام ٿريل يا تمام ڪوسو ۽ پاروٿو نہ کائجي (5) کاڌو خوب چباڙي ۽ آهستي کائجي. جيئن کاڌي سان پڪ گهٽي گڏجي. ڇو تہ هاضمي جو ڪم ان وقت کان ئي شروع ٿئي ٿو. تنهن ڪري کاڌي کائڻ تي شرط نہ پڇائجي. تہ ”ڪير ٿو اڳ ۾ کائي“ (6) کائڻ کان پوءِ اڌ ڪلاڪ ڪن بدني خواه خيالي ڪم ڪرڻ نہ گهرجي (7) جڏهن ڪو کاڌو کائجي ٿو تہ اهو هضم ٿيڻ ۾ 5 يا 6 ڪلاڪ ڪن وٺي ٿو. ان کان پوءِ بہ ڪلاڪ يا بہ هاضمي وارن عضون کي آرام ملڻ گهرجي. هر هر کائڻ ڪري بدهاضمو ۽ ٻيون بيماريون پرائجن ٿيون (8) رات جو سمهڻ کان گهٽ ۾ گهٽ بہ ڪلاڪ اڳ ۾ ماني کائڻ گهرجي. نہ تہ ننڊ فرحت واري نہ ايندي ۽ هاضمون بہ سٺو نہ ٿيندو (9) روزانو پيٽ اجهڻ – پائخاني جي خيال کي گسائي ڇڏڻ سان قبضي ٿئي ٿي، جا ڪيترن مرضن ۽ بدهاضمي جو مول آهي. تنهن ڪري روز صبوح جو اٿڻ سان پائخاني جو نيم ڪرڻ بلڪل ضروري آهي (10) هاضمي کي مدد ڪرڻ لاءِ روز ڪسرت ڪرڻ گهرجي (11) هاضمي وارن عضون کي آرام ڏيڻ لاءِ 15 يا 20 ڏينهن کان پوءِ ورت يا روزو رکڻ گهرجي.

## واءِ ٽمنس (جياپي جا جزا)

مٿي پڙهي آيا آهيون. تہ اسان جي کاڌي جا مکيہ چار جزا (معدني، نائٽروجني، نشاستو مناڻ ۽ سٽپ) آهن. پر هينئر تجربي مان ثابت ٿيو آهي. تہ کاڌي ۾ اجا ڪي ٻيا بہ جزا موجود آهن. جن تي اسان جي جياپي جو مدار آهي. جيڪڏهن اهي جزا


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڪاڏي ۾ موجود نه هجن ها، ته هوند، اسان مشڪل سان رندهه رهي سگهون ها. هن ڪان ويهه ورهيه اڳ انهن جزن جي اصل خبر ڪا نه هئي ۽ هن وقت تائين اها خبر به ڪا نه پيئي آهي، ته انهن جزن جي ڪيمياوي بناوت ڇا آهي، مگر ايترو معلوم ٿيو آهي، ته اهي جزا قدرت ڪهڙين شين ۾ ڪيتري قدر موجود رکيا آهن ۽ سندن نه ملڻ ڪري ڪهڙيون بيماريون پيدا ٿين ٿيون. اهي جزا تازين ڪچين ڪاڏي جي شين جهڙوڪ کير، ڀاڄين، ميون وغيره ۾ ٿوري انداز ۾ موجود آهن. شين کي گهڻو وقت ڪاڙهڻ تي، رڌڻ ڪري يا گهه ۾ تمام گهڻو ترڻ ڪري شين مان واءِ ٽمنس ناس ٿيو وڃن ٿا. تجربو ڪري ڏٺو اٿن ته پاليل ڪوئن کي نائٽروجني، معدني، مناڻ ۽ سٽپ وارا جزا پوري وزن ۾ ملائي ڏنا ويا آهن، ته انهن ڪوئن جو اسرڻ بند ٿي ويو آهي ۽ ٿورن ڏينهن ۾ اهي ڪوئا مري ويا آهن، مگر جيڪڏهن ڪين انهن جزن سان گڏ کير به ڏنو وڃي ٿو، ته ڪوئا وڌن ٿا ۽ جيئرا رهن ٿا. هيل تائين پنجن قسم جا واءِ ٽمن معلوم ڪيا ويا آهن، جن جا نالا پڻ مقرر نه ٿيا آهن، مگر الف، ب، ث، د، ع نالن سان سڏيا وڃن ٿا، جن جو بيان هيٺ ڏجي ٿو :–

**واءِ ٽمن الف-** هيءُ ساين ڀاڄين، کير، ملائي، مکڻ، بوهي مڱن ۽ چربي ۾ ٿئي ٿو. هن جي نه ملڻ ڪري اکين جي نظر جهڪي ٿيو پوي ۽ ڦڦڙن ۽ چمڙيءَ جي بيمارين ٿيڻ جو امڪان ٿئي ٿو.

**واءِ ٽمن ب-** هيءَ جانور جي مٽئين ته ۾ ٿئي ٿو، تنهن ڪري، ڪورا ڇانور (جن جي ڪٽي واجبي لتل هجي) ڪاٺڻ گهرجن ۽ رڌڻ وقت پڇي به نه لاهڻ گهرجي ۽ تمام گهڻي وقت جا رکيل چانور به ڪم آٽڻ نه گهرجن، جو سندن واءِ ٽمن سڙيو وڃي ٿو. ڪن تازين ڀاڄين ۽ سنگن وارن انن ۾ پڻ ٿئي ٿو. هن جي گهٽتائي ڪري قبضيت، بادي، بدهضمو ٿئي ٿو، جنهن ڪري آندن ۾ زهري جزا پيدا ٿين ٿا جي عضوا سڪائي ڇڏين ٿا، جنهن کي بيري بيري جي بيماري چئبو آهي.

**واءِ ٽمن ث-** هيءُ ٻن گوبين، گوگڙن، ليمن، نارنگين، ٽماٽن ۽ ٻين ڪن تازن ميون ۾ ٿئي ٿو ۽ کير، گوشت ۾ پڻ ٿوري انداز ۾ ٿئي ٿو، تنهن ڪري سڪايلن ۽ رکيلن ڀاڄين، ميون کان تازا ڪم آٽڻ بهتر آهن. هن جي نه ملڻ ڪري هڏا ڪمزور ٿي پوندا آهن، جنهن کي سڪروي (سقربوط) جي بيماري ڪري چون ٿا. اها بيماري گهڻو ڪري خلاصين کي ٿيندي آهي، جو جهاز ۾ وڏين مسافرين ۾ ڪين تازيون ڀاڄيون ۽ تازا ميوا ملڻ مشڪل ٿيندا آهن، تنهن ڪري اهڙن وقتن تي ليمي جي رس استعمال ڪرڻ گهرجي.

**واءِ ٽمن د-** هيءُ کير ۽ مڇيءَ جي تيل ۾ گهٽي ٿئي ٿي. هنن جي نه ملڻ سبب هڏا ڏنگا ڦڏا ٿي پوندا آهن، جيئن ته ننڍن ٻارن جا پير ڦڏا ٿي پوندا آهن، جنهن کي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

رڪيٽس (هڏڙيءَ) جي بيماري ڪري چون ٿا.

واءِ ٽمن ع- هيءُ ڪٽڪ جي ڳپ ۾ ٿئي ٿي. هن جي نہ ملڻ سبب زالن کي ٻار نہ ٿيندو آهي يا ٿوري وقت سڪي ويندو آهي.

مطلب تہ سمورا واءِ ٽمن کير، تازين ڀاڄين، ميون، اناج، گيهہ وغيره کاڌي جي شين ۾ ٿين ٿا. تنهن ڪري وقت بہ وقت هر قسم جو کاڌو کائڻ گهرجي.

سامهين نقشي مان خبر پوندي تہ هر هڪ جنس ۾ ڪيتري قدر واءِٽمن آهي، 3 جو انگ واءِ ٽمن جو گهڻو انداز ڏيکاري ٿو، 2 جو انگ پورو پنو ۽ 1 جو انگ تمام ٿورو انداز ڏيکاري ٿو:

| نالو کاڌي جو | الف | ب | ث | د | ع |
|---|---|---|---|---|---|
| اناج | | 3 | | 1 | 1 |
| آني جي زردي | 3 | 2 | | 1 | 1 |
| بوهي مگ | 3 | | | | |
| بصر | 1 | 1 | 2 | | |
| باداميون | 1 | 1 | | | |
| ٻڪيون | 2 | 2 | | | |
| ٽماٽا | 2 | 3 | 3 | | |
| پٽاٽا | 1 | 2 | 2 | | |
| پالڪ | 3 | 3 | 3 | | |
| جيرو | 3 | 2 | | | |
| چربي | 3 | | | 1 | |
| ڊاک | | 2 | 2 | | |
| صوف | 1 | 1 | 2 | | |
| ساون پنن واريون ڀاڄيون | | | | | |
| گوگڙون موريون وغيره | 2 | | 1 | 1 | |
| ڪيوڙي جون ڦريون | 1 | 1 | 2 | | |
| ڪير | 3 | | | 2 | |
| گجر سنڌي | 3 | 2 | 1 | | |
| گوبي | 1 | 2 | 3 | | |
| گجر لاهوري | 1 | 2 | 2 | | |
| ليمون | 1 | 2 | 3 | | |
| مٽر | 2 | | | | |
| مڇيءَ جو تيل | 3 | | | 3 | |


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| مکڻ | 3 | | | 1 | |
| ملائي کير جي | 3 | 2 | 1 | | |
| نارنگيون | 1 | 2 | 3 | | |
| ناريل | 1 | 2 | | 1 | |

**سوال**

1 – هاضمي جي مشين سان ريل جي مشين جي ڀيٽ ڪريو؟
2 – کاڌي جا مکيه نمونا ڪهڙا آهن ۽ انهن ۾ تمام سٺو ڪهڙو کاڌو آهي؟
3 – ثابت ڪريو ته هندستان ملڪ لاءِ گوشت ميچيءَ کان ساوين ڀاڄيون وڌيڪ چڱيون آهن؟
4 – ڪيئن سهي ڪندا ته، اوهان جو کاڌو چڱيءَ ريت هضم ٿيو آهي؟
5 – کاڌي کائڻ جا متا ثابتن سان لکو؟
6 – ميوي کائڻ مان فائدا لکو ۽ ڪهڙو ميوو نه کائڻ گهرجي؟
7 – وائٽمن گهڻو قسمن جا آهن ۽ سندن اثر لکو؟

**تندرستيءَ جا قاعدا**

**(1) ورت رکڻ – ورت ٻن قسمن جو ٿيندو آهي:–**

(1) ڪي ماڻهو رڳو کاڌو مٿائي کائيندا آهن، جو ڦل ڦول تي گذاريندا آهن. ائين ڪرڻ به چڱو آهي، چو ته ڦل ڦول هلڪو کاڌو آهي مٿائڻ ڪري کائڻ تي به چاهه ٿئي ٿو.

(2) ڪي ماڻهو وري روزو رکندا آهن، يعني اصل نه کائيندا آهن. ان مان هي فائدا آهن (1) پيٽ، آنڊي ۽ ٻين هاضمي وارن عضون کي آرام ملي ٿو (2) رت کي مرض جي جيوڙن ناس ڪرڻ جو وجهه ملي ٿو (3) بدهاضمي کي ٽارڻ لاءِ ورت رکڻ سستو علاج آهي، مگر ساندهه گهڻا روزا نه رکجن، نه ته رت نهڻ ۾ رنڊڪ پوندي ۽ بدن جا جدا جدا ڀاڱا پوريءَ طرح ڪم ڪري نه سگهندا.

هدايتون- (1) بدن جو من سان گهڻ لاڳاپو آهي، تنهن ڪري جو ورت رکڻ مهل من صاف هوندو ته فائدو به ٿيندو، مگر جي من چنچل هوندو ته پاڻ بدن کي نقصان رسندو (2) روزي رکڻ کان پوءِ کاڌو هلڪو ۽ طبيعت موافق هجي، جي دير هضم کاڌو کائبو ته هاضمي جي عضون تي هڪدم بوجهه پوڻ سبب ڪم پورو نه ڪري سگهندا، مگر جي هلڪي کاڌي کائڻ ڪري آهستي آهستي ڪم شروع ڪندا ته طاقت وٺندا ويندا.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

## (2) سنان ڪرڻ

ضرورت- چمڙيءَ مان پگهر جي رستي غلاظتون هميشه پيون نڪرن جيڪڏهن سنان نہ ڪبو، تہ اهي غلاظتون چمڙيءَ ڪي لڳي ان جا پور بند ڪري ڇڏينديون، جنهن ڪري پگهر پوريءَ طرح نہ نڪرندو. جيڪي ماڻهو سنان نہ ڪندا آهن، تن جي ڪڇن مان بدبوءِ پيئي ايندي آهي. (2) سنان نہ ڪرڻ ڪري خارش، ملو، ڦٽ ڦرڙيون ۽ ٻيون چمڙيءَ جون بيماريون ٿينديون آهن، تنهن ڪري بدن جي صفائي لاءِ سنان ڪرڻ نهايت ضروري آهي. (3) سنان نہ ڪرڻ سبب پگهر ۽ غلاظت جي بانس تي بت تي مکيون، مڇر ۽ ٻيا جيوڙا ڇڪجي اچن ٿا، جنهن ڪري وچڙندڙ مرض ٿيڻ جو امڪان بہ گهڻو ٿيندو. (4) سنان ڪرڻ ڪري چمڙي طاقت واري ٿئي ٿي ۽ تنتن ڪي بہ آرام ملي ٿو ۽ بدن ڪي فرحت اچي ٿي.

سنان جو وقت- (1) اونهاري ۾ صبح خواه شام جو ٻئي وقت سنان ڪرڻ گهرجي يعني رات جو بدن مان نڪتل پگهر ۽ غلاظتون شام جو صفا ڪرڻ ضروري آهن، ائين ڪرڻ سان رات جو ننڊ بہ فرحت واري ايندي. (2) سياري جو رڳو هڪ وقت صبح جو سنان ڪرڻ گهرجي، ڇو تہ سياري ۾ بدن مان پگهر ۽ غلاظتون گهٽ نڪرن ٿيون، تنهن ڪان سواءِ جي هن مند ٻئي وقت سنان ڪبو تہ ٿڌ ٿيڻ جو امڪان آهي. جيڪي مزدور ۽ ڪارخانن ۾ ڪم ڪندڙ آهن، تن کي شام جو بہ سنان ڪرڻ گهرجي، تہ پل سڄي ڏينهن ۾ بدن تي پيل مٽي ۽ غلاظتون صفا ٿين ۽ ٿڪ لهي.

سنان لاءِ پاڻي- سنان هميشہ تازي ٿڌي پاڻيءَ سان ڪرڻ گهرجي، ڇو تہ ان ڪري رڳون ۽ چمڙي طاقت وار ٿين ٿا، گرم پاڻي ڪمزور ۽ سست ڪندڙ آهي. مگر جيڪڏهن سياري جو ٿڌو پاڻي بدن کي پانءِ نہ پوي تہ پوءِ نهن سوسڙو ڪري ڪم آڻجي. (2) سمنڊ جي پاڻيءَ سان سنان ڪرڻ بہ فائدي وارو آهي، تنهن ڪري وقت سر ان پاڻيءَ سان بہ سنان ڪجي.

ميٽ پائڻ- خالي پاڻيءَ سان سنان ڪرڻ سان چمڙيءَ جون غلاظتون گهٽ صاف ٿين ٿيون، تنهن ڪري ميٽ پائي چمڙيءَ کي خوب مهٽجي، جيئن پوريءَ طرح صفا ٿئي.

صابڻ هڻڻ- بدن تي تيل جهڙي شيءِ جو هڪڙو پڙرو تہ آهي، جو چمڙيءَ کي نرم رکي بيٺو آهي، پگهر جون غلاظتون انهيءَ سٽيي تہ سان وقتي اهڙو چنبڙي پونديون آهن، جو ميٽ سان بہ پوري صفائي تي نہ سگهندي آهي، تنهن ڪري صابڻ انهن غلاظتن کي پوريءَ طرح صفا ڪري ٿو، مگر جيڪڏهن گهڻو ۽ زور بروز صابڻ هڻبو، تہ اهو سٽيو تہ لهي ويندو ۽ چمڙي اٽيي ۽ کهري ٿي پوندي، تنهن ڪري هفتي کن ڪان پوءِ سنو صابڻ ڪم آڻجي ۽ صابڻ هڻڻ بعد تيل مکي چمڙيءَ کي سٽيو ڪجي.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

سنان لاءِ هدايتون- (1) ڪثرت ڪرڻ ڪان پوءِ جڏهن پگهر سڪي وڃي، تڏهن سنان ڪرڻ گهرجي. (2) ڪاڌي کائڻ ڪان پوءِ ٻه ڪلاڪ ڪن سنان ڪرڻ نه گهرجي. (3) سنان اهڙي هنڌ ڪرڻ گهرجي، جيئن بدن تي هوا جي لهر سڌي نه اچي. (4) مٿي تي رڳو پاڻيءَ جا لوٽا پيري وجهڻ مان فائدو ڪو نه آهي، پر سڄي بدن کي چڱيءَ طرح مهٽڻ گهرجي، جيئن چمڙي صاف ٿئي. (5) سنان ڪرڻ ڪان پوءِ سڪي ڪپڙي سان بدن کي مهٽي سڪائجي آلي انگوشي يا ٽوال سان مهٽڻ نه گهرجي، ڇو ته ان سان غلاظتون صاف نه ٿينديون. (6) سنان ڪان پوءِ جيستائين بدن وري اڳئين وانگر گرم ٿئي، تيستائين کائڻ نه گهرجي، نه ته بدهاضمو ٿيندو. (7) جيڪڏهن بيمار هئڻ سبب وهنجي نه سگهجي، ته آلي ڪپڙي يا سپنج سان بدن کي مهٽي هڪدم گرم ڪپڙا ڍڪجن.

### (3) ننڊ يا آرام

ننڊ ڪرڻ تندرستيءَ لاءِ بلڪل ضروري آهي. ننڊ نه ڪبي ته مغز ۽ رڳون هميشه ڪم ڪرڻ ڪري ضعيف ٿي پوندا، جنهن ڪري ڪم پوريءَ طرح ڪري نه سگهندا، ننڊ ڪرڻ ڪري مغز ۽ بدن جي ٿڪاوٽ دور ٿئي ٿي ۽ بدن ۾ تازگي ۽ فرحت ٿئي ٿي. ننڍن ٻارن ۽ بيمارين کي 9 يا 10 ڪلاڪ ۽ جوانن کي 6 کان 8 ڪلاڪن تائين ننڊ ڪرڻ گهرجي، ننڊ مان فائدو تڏهن ٿيندو، جڏهن سٺي ۽ فرحت واري ننڊ ايندي.

سٺيءَ ننڊ جون نشانيون- سٺي ننڊ اها آهي جو گهريءَ ننڊ کان پوءِ پاڻمرادو سجاڳي ٿئي. مگر جي خواب لهبا يا منگهڻ ۽ مچرن ڪري هر هر سجاڳي ٿيندي ۽ پيا پاسا اٿلائبا، ته ان ننڊ ڪرڻ مان فائدو ڪو به ڪو نه آهي، الٽو سستي ٿي پوندي. سٺيءَ ننڊ ڪرڻ لاءِ هيٺين ڳالهين تي ڌيان ڏيڻ گهرجي :— (1) کٽ ڇڪيل ۽ سڌي هجي. (2) هنڌ صاف هئڻ گهرجي، اونهاري جو هلڪو هجي ۽ سياري جو نرم ۽ گرم هجي. (3) مٿي هيٺان وهاڻو پتڙو هئڻ گهرجي، وهاڻو وڏو سخت هوندو ته ڳچيءَ کي زور ايندو ۽ رت جي دوري کي رنڊڪ ٿيندي، جنهن ڪري مغز کي فرحت ۽ تازگي نه ٿيندي. (4) سمهڻ جو ٽائيم مقرر ڪرڻ گهرجي، چوندا آهن ته ”سويل سمجهي سويل اٿجي“ آڌي رات کان اڳ ننڊ جو هڪڙو ڪلاڪ پوءِ جي ٻن ڪلاڪن ننڊ جي برابر آهي. (5) سمهڻ مهل هميشه هڪ نه ٻئي پاسي پرتي سمهڻ گهرجي، ڇو ته پٺيءَ پر سمهڻ ڪري پٺيءَ جي ڪنڌي ۾ جيڪا نس آهي، ان تي زور اچي ٿو، جنهن ڪري ننڊ فرحتي نه ٿي اچي ۽ هميشه خواب لهبا آهن ۽ وري منهن پر سمهڻ ڪري اکيون خراب ٿين ٿيون. (6) رات جو سمهڻ مهل اکيون ڌوئڻ گهرجن. (7) صبوح جو اٿڻ وقت به اکيون ڌوئڻ گهرجن ۽ ٿڌي پاڻيءَ جا ڇنڊا اکين کي هڻڻ گهرجن.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

### (4) ڪپڙا ۽ انهن جي صفائي

بدن کي گرمي سردي خواه ٻين خارجي نقصان ڪار شين جي اثر کان بچائڻ لاءِ اسان کي ڪپڙن پهرڻ جي ضرورت آهي. پر ڪپڙا هميشہ صاف هئڻ گهرجن، اونهاري جو پگهر ڪپڙن کي خراب ڪري ٿو، تنهن ڪري روز بروز صابڻ سان ڌوئي پوءِ پهرڻ گهرجن. ڪپڙن جي صفائي ٻين کي ڏيکارڻ لاءِ نہ آهي مگر بدن کي تندرست رکڻ لاءِ آهي. تنهن ڪري ڪپڙا سادا ئي هجن، مگر صفا هئڻ گهرجن، اونهاري ۾ ڪپڙا اهڙا هئڻ گهرجن، جي بدن جي گرميءَ کي ٻاهر نڪرڻ کان نہ روڪين ۽ سياري ۾ اهڙا هئڻ گهرجن، جي گرميءَ کي ٻاهر نڪرڻ نہ ڏين، تنهن ڪري سياري جو اوني ۽ اونهاري جو سوٽي ڪپڙا پائڻ گهرجن. اونهاري جو رنگين ڪپڙا اصل پائڻ نہ گهرجن، ڇاڪاڻ تہ رنگين ڪپڙا سج جي گرمي پاڻ ڏانهن ڇڪيندا آهن، سياري جو بہ رنگين ڪپڙا پائڻ چڱا نہ آهن، ڇو تہ انهن جي ميرائيءَ جي خبر نہ ٿي پوي، جنهن ڪري غليظ ٿيو پون، غليظ ڪپڙن مان هيٺيان نقصان پرائجن ٿا:

(1) پگهر جا غليظ جزا چمڙيءَ کي لڳي پگهر کي ٻاهر نڪرڻ کان روڪن ٿا، جنهن ڪري خارش ۽ ٻيون چمڙيءَ جون بيماريون پيدا ٿين ٿيون (2) وري جيڪو پرسان وهندو آهي، تنهن کي بہ ساڳي بيماري ٿيندي آهي. (3) غليظ ڪپڙن ۾ گند جي ڪري ڪيترن مرضن جا جيوڙا پيدا ٿين ٿا، جي بدن اندر وڃي مرض پيدا ڪرڻ جو ڪارڻ بڻجن ٿا. (4) غليظ ڪپڙن تي مکيون ۽ مڇر اچي وهن ٿا جي بہ ڪيترن مرضن جا جيوڙا پاڻ سان کڻي اچن ٿا.

نوٽ- ٻدين ۽ ٻارن جي ڪپڙن جي سنڀال وڌيڪ رکڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ اهي ڪمزور ٿين ٿا، تنهن ڪري ڪين گرميءَ يا سرديءَ جو اثر جلد ٿئي ٿو، تنهن ڪري موسم موافق ڪين ڪپڙا پارائڻ گهرجن.

جوراب پائڻ- پيرن جي مٽيءَ ۽ پگهر جي غلاظت سان جوراب يڪدم ميرا ۽ خراب ٿين ٿا. پيرن جي، ترين ۾ تنتن جا مڇا آهن، تن جو سڌو لاڳاپو مغز سان آهي جيڪڏهن اهڙا ميرا ۽ غليظ جوراب پائبا تہ مغز ۾ موڳائي ۽ ٿڪاوٽ معلوم ٿيندي ۽ پڻ اکين خراب ٿيڻ جو امڪان آهي. تنهن کان سواءِ جورابن پائڻ ڪري پير گرم ٿين ٿا، جنهنڪري اها گرمي مغز ۽ اکين ۾ خرابي پيدا ڪري ٿي، تنهن ڪري اونهاري ۾ جوراب بلڪل پائڻ نہ گهرجن، سياري ۾ پائجن تہ روز بروز ڌوئڻ گهرجن ۽ سمهڻ وقت لاهي رکجن.

بوٽ- زمين جي گرميءَ سرديءَ کان مغز کي بچائڻ لاءِ بوٽ پائڻ ضروري آهي. مگر بوٽ هلڪا، نرم ۽ پير جي شڪل جهڙا هجن، سخت يا سوڙها هئڻ نہ گهرجن، جنهن ڪري پير چپا نہ ٿين ۽ نہ لقون ٿين. اونهاري ۾ ڪجھ وقت چپل پائڻ


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

نهايت ضروري آهي، جيئن پيرن کي وقت بوقت هوا ملي، انهيءَ ڪري مغز کي فرحت ايندي. وڏين ڪڙين وارا بوٽ پائڻ نه گهرجن. ڇاڪاڻ ته بدن اڃتي اچل ڪائيندو آهي.

ٽوپيون- مغز کي اس جي اثر کان بچائڻ لاءِ ٽوپي ضروري آهي. مگر ٽوپي مٿي ۾ هلڪي ۽ صاف هئڻ گهرجي، جيئن وارن کي تازي هوا به ملندي رهي، ڳوريون ٽوپيون پائڻ نه گهرجن.

نَهن- بدن جي صفائيءَ سان گڏ نهن جي صفائي به بلڪل ضروري آهي. نهن وقت بوقت لهرائڻ گهرجن، جيئن انهن ۾ غليظ مٽي پئجي نه وڃي. نهن ڏندن سان لاهڻ نه گهرجن، ڇو ته انهن جي غليظ مٽي ڏندن کي لڳي ڪين خراب ڪري ڇڏيندي آهي.

وار- وارن جي صفائي به بلڪل ضروري آهي، ڪيترا ماڻهو نندن ٻارن جي وارن جي صفائي تي ڌيان ڪونه ڏيندا آهن، جنهن ڪري انهن جي وارن ۾ جڙيون پجهجي ويندڙيون آهن ۽ بلڪل غليظ ڏسڻ ۾ ايندا آهن، وارن جي صفائيءَ نه ڪرڻ ڪري جون پئجي ويندڙيون آهن، جي مٿي ۽ بدن ۾ خارش پيدا ڪن ٿيون، ان کان سواءِ ڦڦو، ڦٽ ۽ ڦرڙيون پيدا ٿين ٿيون، تنهن ڪري وار روز بروز ڦٽيءَ سان صفا ڪرڻ گهرجن ۽ هفتي ۾ هڪ دفعو صابڻ هڻڻ گهرجي.

ڪسرت ڪرڻ- ضرورت- توهان ڏٺو هوندو ته ٻانهن کي ڪنهن زخم رسڻ ڪري ٻڌي ڇڏبو آهي ۽ چوربو پوربو نه آهي، ته سنهي ۽ ڪم طاقت ٿيندي ويندي آهي، تانجو گهڻو وقت گذرندو آهي، ته منجهانئس طاقت بلڪل گهٽجي ويندي آهي ۽ پيءَ ٻانهن کان بلڪل سنهي ڏسڻ ۾ ايندي آهي. وري جڏهن ان کي درجي بدرجي ورزش ڏبي آهي ته ويندي آهي، طاقت واري ۽ ٿلهي ٿيندي؛ ساڳيءَ طرح جيڪي ماڻهو پورهيو يا ورزش ڪن ٿا، سي وينل ماڻهن کان وڌيڪ سگهارا ٿين ٿا، تنهنڪري ورزش اهڙي ضروري آهي، جهڙو کاڌو ۽ پاڻي.

ورزش مان فائدا- ورزش ڪرڻ ڪري بدن جي سيني ياڳن تي اثر ٿئي ٿو، جنهن ڪري سڄو بدن مضبوط ٿئي ٿو.

پٺن تي اثر- ڪسرت ڪري پٺا ۽ نسون سسن ۽ ڦندن ٿا، جنهن ڪري رت تڪڙو دل ڏانهن وڃي ٿو ۽ دل وري سنو رت پٺن ڏانهن موڪلي ٿي، جنهن ڪري اهي مضبوط ٿين ٿا.

ڦڦڙن تي اثر- ڪسرت جي ڪري دم تڪڙو کڄي ۽ آڪسيجن گئس گهڻي انداز ۾ اندر وڃي ٿي ۽ رت به گهڻي انداز ۾ صفا ٿئي ٿو، جنهن ڪري دل ۽ ڦڦڙ به گهڻو ۽ تڪڙو ڪم ڪن ٿا، تنهن ڪري ڪشادا ۽ طاقت وارا ٿين ٿا ۽ سلهه جهڙن مرضن کان بچيل رهن ٿا.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

هاضمي تي اثر- هاضمي جي عضون کي تحرڪ ملي ٿو، جنهن ڪري هاضمي جون رسون وڌيڪ پيدا ٿي کاڌي کي چڱيءَ طرح هضم ڪن ٿيون.

ڇمڙيءَ تي اثر- پگهر جي ڳوٿرين جي چوگرد جيڪي رت جون ناليون آهن، سي ورزش ڪرڻ سبب ڪشاديون ٿين ٿيون ۽ منجهن رت به تڪڙو دورو ڪري ٿو، جنهن ڪري پگهر ۽ غلاظتون گهڻيون ٻاهر نڪرن ٿيون.

ٻين عضون تي اثر- آندا ۽ بڪيون وڌيڪ طاقت وارا ٿين ٿا، جنهنڪري بدن جي غلاظتون تڪڙو ٻاهر ڪڍن ٿا.

دماغ تي اثر- جيڪڏهن بدن جا سڀ عضوا چڱيءَ طرح ڪم ڪندا، ته قوت بخش صفا ٿيل رت مغز ڏي به تڪڙو دورو ڪندو، جنهنڪري مغز طاقت وارو ٿيندو.

بدني ورزش جا نمونا- ڪسرت جا ڪيترائي نمونا آهن جن مان مکيه هي آهن: (1) ٻٽي ڪلاڪ پنڌ ڪرڻ (2) ڊوڙڻ (3) ڏنڊ پرڻ (ورزش ڪرڻ) (4) ڊرل ڪرڻ (5) مگترن سان راند ڪرڻ (6) هاڪي راند (7) فوٽ بال (8) ڪرڪيٽ (9) ونجهه يا ٻيڙي هلائڻ (10) گهوڙي سواري (11) ترڻ (12) اونهو ساهه کڻڻ (13) نوڙين تي ٽپا جي اڪثر ڪري ڇوڪريون ڏينديون آهن (14) ونجهوٽي راند (15) ٽينس وغيره وغيره.

سڀ کان چڱي ڪسرت- (1) فوٽ بال راند سيني ۾ سٺي آهي، جنهن جا هيٺيان سبب آهن: هڪ ٻن کان سواءِ گهڻو ڪري سڀ ڄڻا هميشه راند ۾ رڌل رهن ٿا. (2) هن راند ۾ وندر ۽ مزو به ڏاڍو آهي. (3) راند ڪندڙن کي پاڻ ۾ مٺ محبت ۽ فضيلت سان هلڻو پوي ٿو، جنهنڪري چڱن لڇڻن پرائڻ جي وجهه ملي ٿو (4) ڪپتان جي حڪم تي هلڻ سبب ميڄتا ۽ دل کي وس رکڻ جا گڻ پرائجن ٿا (5) گول جيتوڻيڪ هڪ ڄڻي جي ڏڪ سان ايندو آهي، ته به ان جو فخر سيني کي ٿيندو آهي ۽ امين جي سيٽيءَ لاءِ سيني کي عزت ٿيندي آهي (6) هن راند ۾ بدن سگهارو ٿئي ٿو (7) ٿوريءَ راند ۾ گهڻي ورزش ملي ٿي (8) دل به بهار ٿئي ٿي. ونجهوٽي راند مان پڻ فوٽ بال وانگر ڪيترا گڻ پرائجن ٿا.

ڪسرت لاءِ هدايتون- (ا) ڪسرت روزاني ڪرڻ گهرجي (2) کليل ميدان ۾ ڪسرت ڪرڻ گهرجي (3) جي پيٽ صاف نه آيو هجي، ته ڪسرت ڪرڻ نه گهرجي نه ته قبضي ٿي پوندي (4) کاڌي کائڻ کان پوءِ ڪلاڪ ڪن ڪسرت ڪرڻ نه گهرجي (5) تمام گهڻي ڪسرت نقصان ڪار آهي، جيڪڏهن راند ڪري ٿڪجي پئجي ۽ چپ سڪي وڃن، ته سمجهجي ته ڪسرت گهڻي ڪئي اٿئون (6) ڪسرت کان جيستائين پگهر سڪي، تيستائين سڌو هوا جي سامهون ويهڻ نه گهرجي، ائين ڪرڻ ڪري گڙدن (بڪين) کي نقصان رسي ٿو. (7) ڪسرت کان پوءِ هڪدم کائڻ نه گهرجي، نه ته بدهاضمو ٿي پوندو، پڪوڙا ۽ ٻيون شيون ته پوءِ به کائڻ نه گهرجن (8) ڪسرت ڪرڻ وقت وات بند هئڻ گهرجي ۽ نڪ مان ساهه کڻڻ گهرجي.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ونڊر- ونڊر به اهڙي ضروري آهي، جهڙي ڪسرت. بدني خواهه خيالي ڪم ڪرڻ مان ٿڪجڻ کان پوءِ ڪنهن نئين نموني ۾ پاڻ کي مشغول رکڻ کي ونڊر چئجي ٿو. جيڪي بازُن جو پورهيو ڪن ٿا، تن کي ڪتابن پڙهڻ سان پاڻ ونڊرائڻ گهرجي ۽ جيڪي مغز جو ڪم ڪن ٿا، تن کي راندين روندين سان پاڻ ونڊرائڻ گهرجي.

راڳ- هي بدن ۽ من ٻنهي لاءِ فائدي واري ونڊر آهي، راڳ چوڻ ڪري ساهه کڻڻ جا عضوا جوش سان ڪم ڪن ٿا ۽ پگهر نڪري ٿو، انهيءَ ڪري بدن کي فائدو رسي ٿو.

## سوال

1 – ورت يا روزي رکڻ مان ڪهڙا فائدا آهن؟ (ج 117)

2 – ورت يا روزي جا ڪهڙا قسم آهن ۽ انهن مان چڱو ڪهڙو آهي؟ (ج 117)

3 – وهنجڻ يا سنان جو سنو نمونو ٻڌايو؟ (ج 118 – 120)

4 – ورزش مان ڌار ڌار عضون کي ڪهڙا فائدا آهن؟ (ج 125 – 126)

5 – هيٺيان خال پريو:

(1) جي پائين تندرست رهان ته ........................ سمهو ۽ اٿو.

(2) ڪپڙا سادا ئي هجن، پر ............................

(3) .............................. نه ڪرڻ ڪري ٻت ۾ خارش ۽ ٻيون بيماريون ٿين ٿيون.

6 – هيٺيان برابر هجن ته هائو لکو، جي غلط هجن ته درست ڪريو:

(1) ونڊر اهڙي ضروري آهي جهڙي ڪثرت.

(2) راڳ ڳائڻ ۾ وقت وڃائڻ اجايو آهي.

(3) نهن وڏا رکائڻ بيماري آهن.

(4) صابڻ بدن کي جيترو گهٽو لڳائجي اوترو چڱو.

# پاڳو ٽيون

## جيوڙا ۽ وچڙندڙ مرض

وچڙندڙ مرض سڀ جيوڙن مان ٿين ٿا. اهي جيوڙا اسان جي رت ۾ گهري ڪيس زهريلو ڪن ٿا، جنهن ڪري مرض پيدا ٿئي ٿو. اهي جيوڙا اهڙا ته سنهڙا آهن، جي اسان کي ڏسڻ ۾ بلڪل نٿا اچن ۽ هڪ چورس انچ ۾ اٽڪل ٽيهه چاليهه ڪروڙ ڪن ٿيندا. انهن جيوڙن جي پيدا ٿيڻ جو هنڌ گندگي آهي، تنهنڪري اهي ڍوند، گند جي ڍيرن، ڪرفتيءَ، ڪسين ۽ ڪاڪوسن ۾ رهن ٿا.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

جهڙيءَ طرح ڪير ۾ ڏڌ جي ذري وجهندا آهن، ته هڪ رات ۾ سڀ ڪير ڄمي ڏڌ ٿي پوندو آهي، تهڙيءَ طرح جيوڙا رت ۾ وجي ان کي زهريلو ڪن ٿا، جنهنڪري مرض پيدا ٿئي ٿو. جيئن چوندا آهن ته "ڏٻري ڍور کي مچر به گهڻا" تيئن هي جيوڙا به ڪم قوت ۽ گهٽ رت واري ماڻهوءَ ۾ اهڙو تڪڙو ٿا وڌن جو يڪدم ان کي ماريو ڇڏين، پر جنهن ماڻهوءَ ۾ رت گهڻو ۽ طاقت واري هوندي آهي ته اهڙي ماڻهوءَ جي رت جا اڇا جزا مرض جي جيوڙن تي غالب پئجي ٿا وڃن. اهو ئي سبب آهي، جو وچڙندڙ مرض ڪن کي ٿين ٿا ۽ ڪن کي نه ٿا ٿين.

جيوڙن جو قد- جيوڙا قد ۾ ايتري قدر تمام ننڍا آهن، جو جيڪڏهن وبا جا سٺ جيوڙا قطار ڪري رکجن ته ان قطار جي ڊيگهه ماڻهوءَ جي وار جي ٿولهه جيتري مس ٿيندي ۽ هڪ چورس انچ ۾ اٽڪل چاليهه ڪروڙ جيوڙا ماپي وڃن ٿا. تمام زوردار خوردبينن سان اهي جيوڙا ڏسي گهبا آهن ۽ تمام سنهيءَ ڇاٽيءَ مان به نڪريو وڃن ٿا.

جيوڙن جي شڪل- جيوڙن جي شڪل گهڻن نمونن ۾ ٿئي ٿي: ڪي گول، ڪي بيضوي، ڪي ڏنگا، ڪي سڌا، ڪي وروڪڙ ۽ ڪي گهنڊيدار ٿين ٿا. جيتن ۽ جيوڙن ۾ زمين آسمان جو فرق آهي، جيت اکين سان ڏسي سگهبا آهن، مگر جيوڙا هرگز نه.

جيوڙن جا قسم- (1) اهي جيوڙا جي ماڻهن لاءِ فائدي وار آهن، جيئن ته ڪي جيوڙا ڍونڊ، ڪنيون پاڇيون وغيره ڪچرو ڪائي پورو ڪن ٿا. (2) ماڻهن کي نقصان رسائيندڙ جيئن ته پليگ، سلهه وغيره جا موتمار جيوڙا. اهي جيورا رت ۾ تڪڙو وڌن ٿا ۽ وڌڻ سان گڏ زهر به ناهيندا وڃن ٿا ۽ اهو زهر رت کي ڪمزور ڪري ڇڏي ٿو، جنهن ڪري بيماري پيدا ٿئي ٿي.

جيوڙن جو وڌڻ- مرض جا جيوڙا ڪي آهستي آهستي هڪ مان ٻه ۽ ٻن مان چار ٿين ٿا ۽ ڪي تمام تڪڙو وڌن ٿا، ايتري قدرجو هڪ ڪلاڪ ۾ هڪ مان هڪ ڪروڙ ٿي پون ٿا.

## مرضن جا جيوڙا بدن ۾ ٽن رستن سان داخل ٿين ٿا

(1) کاڌي ۽ پاڻيءَ جي رستي- هي جيوڙا آنڊي جون بيماريون پيدا ڪن ٿا، مثلا: دست، سوري وبا ۽ آنڊي جو تپ وغيره.

(2) هوا (ساهه کڻڻ جي رستي)- هي جيوڙا ڦڦڙن جون بيماريون ڪن ٿا، جيئن ته کنگهه، سلهه، نمونيا، انفلوئينزا وغيره.

(3) ٻين جيتن جي چڪ پائڻ رستي- مثلا: موسمي تپ جا جيوڙا مڇر جي چڪ پائڻ رستي ۽ پليگ جا جيوڙا ڪارڙن جي چڪ پائڻ رستي بدن ۾ داخل ٿين ٿا.

مرض جي جيوڙن جو بدن تي اثر- جڏهن جيوڙا مٿين رستن مان ڪنهن به رستي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

بدن ۾ داخل ٿين ٿا، تڏهن رت جي اڇن جزن ۽ جيوڙن جي وچ ۾ لڙائي لڳي ٿي. جيڪڏهن اسان جي بدن جا اڇا جزا مضبوط هوندا ۽ مرض جي جيوڙن تي غالب پوندا ته ڏاڍو چڱو. مگر جيڪڏهن اڇن جزن هارايو، ته ماڻهوءَ کي موت جو انديشو آهي. تنهن ڪري تندرستيءَ جي قاعدن موجب رت ۽ انهن اڇن جزن کي طاقت وارو ڪجي. خاص ڪري وچڙندڙ بيماريءَ جي وقت ۾ سخت خبرداري اختيار ڪجي.

جيوڙن کان پاڻ بچائڻ جا رستا گهٽي ئي آهن، پر مکيه رستو آهي، مرضن جي سئي هڻائڻ، ان ڪري جيڪڏهن جيوڙا بدن ۾ داخل ٿين ٿا ته به اپڙي نه ٿا سگهن.

سئي هڻائڻ جي ضرورت- اسان جي رت ۾ جي اڇا جزا آهن، تن جي مرض جي جيوڙن سان هميشه دشمني آهي، جنهنڪري هو انهن سان ويڙهه ڪن ٿا، مگر جن جيوڙن سان هو وڙهڻ تي هريل نه آهن تن سان وڙهڻ ۾ ڪين سخت تڪليف ٿيندي آهي، جنهنڪري مرض يڪدم قابض ويندو آهي ۽ موت تائين رسائيندو آهي، مگر اهي اڇا جزا جن جيوڙن سان وڙهي، فتح حاصل ڪندا آهن، تن سان ويڙهه جا نمونا سکي اهڙا آزمودگار ٿين ٿا، جو وري ان قسم جي جيوڙن کي اپڙڻ اصل نه ڏيندا آهن. اهو ئي سبب آهي، جو ماتا، ارڙي، لاڪڙو وغيره سڄي عمر ۾ هڪ دفعو نڪرندا آهن، ته وري نه نڪرندا آهن. ساڳيءَ طرح ڊاڪٽر پهريائين مرض جا تمام ضعيف جيوڙا سئيءَ جي رستي رت ۾ داخل ڪندا آهن، جن سان رت جا اڇا جزا وڙهي واقف ٿي ويندا آهن، پوءِ جيڪڏهن ساڳيءَ مرض جا ٻيا زور وارا جيوڙا رت ۾ داخل ٿيندا، ته اڇا جزا ڪين وڪوڙي ناس ڪندا، تنهنڪري وبا، پليگ ۽ ٻين اهڙن خوفناڪ مرضن ۾ سئي هڻائڻ بلڪل ضروري آهي. سئي هڻائڻ شاهوڪار خواه غريب لاءِ ڪفايتي نمونو آهي. سئي جو اثر فقط ڇهه مهينا هلي ٿو ۽ ماڻهو مرض جي خوف کان بچيل رهي ٿو.

هاڻي هر هڪ مرض جو بيان مختصر طور هيٺ ڏجي ٿو:

اهي مرض جي جيتن جي معرفت پکڙجن ٿا:

### (1) موسمي تپ (مليريا)

اسان کي موسمي تپ جو گهڻو خيال نه ٿيندو آهي، مگر اسان جي ملڪ ۾ پليگ جي بنسبت گهڻا ماڻهو هن مرض ۾ مرن ٿا.

ڪارڻ- هن تپ جا جيوڙا مڇر جي چڪ پائڻ سان بدن ۾ داخل ٿين ٿا، جيڪڏهن مڇر ملڪ مان نڪري وڃن ته جيڪر تپ به ڪو نه ٿئي. اهو ئي سبب آهي، جو ٿڌن ملڪن ۾ موسمي تپ ٿئي ڪو نه. مڇر اونهاري ۾ مينهن جي پاڻيءَ تي پيدا ٿيندا آهن. مادي بيٺل پاڻيءَ تي آنا لاهي ٿي، جي پوسل ۽ گندگيءَ تي گذارو ڪري وڏن ٿا، نيٺ سرءُ جي موسم ۾ تپ جو ڪارڻ بڻجن ٿا.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

مڇرن جا قسم گھڻا آهن، پر ڪين ٻن قسم ۾ ورهايو اٿن: (1) ائنوفيليز (مرض پيدا ڪندڙ مرض) (2) ڪيوليڪس (عام مڇر) منجهس هي تفاوت آهن:

1 – مرض پيدا ڪندڙ مڇر ننڍو ٿئي ٿو، مگر عام مڇر وڏو ٿئي ٿو. 2 – مرض پيدا ڪندڙ مڇر پٽ ۾ ٽنبيل ڪنڊي وانگر هوندو آهي، مگر عام مڇر ڪبو ٿي وهندو آهي. 3 – مرض پيدا ڪندڙ مڇر جي ڪنين تي هلڪا ڳاڙها ۽ ڦڪا چٽا ٿيندا آهن، مگر عام مڇر ڪاريرو ٿيندو آهي. 4 – مرض پيدا ڪندڙ مانيٽو آهي، پر عام مڇر ڀون ڀون ڪندو آهي. 5 – مرض پيدا ڪندڙ مڇر جي چڪ پائي، ته سور ڪين ٿئي، عام مڇر جي چڪ مان سور ۽ ساڙو پيدا ٿيندو آهي. 6 – مرض پيدا ڪندڙ مڇر جو ٻچو پاڻيءَ ۾ پيو ترندو آهي، مگر عام مڇر جو ٻچو مٿي پر پيو لٽڪندو آهي.

تپ پيدا ٿيڻ- مڇر جڏهن تپيل ماڻهوءَ کي چڪ پائي ٿو، ته رت سان گڏ تپ جا جيوڙا بہ چوسيو وٺي، جي سندس بت ۾ وڌي وڏا ٿين ٿا، وري جڏهن اهو مڇر ٻئي ماڻهوءَ کي چڪ ٿو پائي، تہ اهي جيوڙا پچڪاريءَ وانگر ان جي بت ۾ اڇلي ٿو ڇڏي، جتي اهي وڌن ٿا ۽ جڏهن تمام گھڻا ٿين ٿا، تڏهن تپ ٿئي ٿو.

علامتون- موسمي تپ جون هيٺيون نشانيون آهن: (1) شروع ۾ سخت سيءُ ٿئي ٿو، جو ٻن ٽن سوڙن وجهڻ سان مس لهي ٿو. (2) پوءِ بخار ٿئي ٿو، جو بعضي ڳنڍيل رهي ٿو ۽ بعضي نوبت رکي ٿو. (3) تپ ۾ اڄ گھٽي لڳي ٿي، چو تہ بدن ۾ گرمي گھٽي ٿئي ٿي.

(4) بدن پيلو ٿيڻ- جڏهن تپ گھڻو وقت هلي ٿو، تڏهن ماڻهوءَ جي رت جو رنگ ڦٽيو پوي، چو تہ هن تپ جا جيوڙا رت ۾ وڃيو ڳاڙهن جزن کي ناس ڪن ٿا، جنهن ڪري بيمار درجي بدر جي پيلو ٿيندو وڃي ٿو.

(5) هيانچو وڌي پوڻ- تليءَ جو ڪم آهي، رت کي ڇاڻي ردي جزا جيري کي پٽ ناهڻ لاءِ موڪلڻ. پر پٽ ۾ ردي جزا ايترو وڌي وڃن ٿا، جو سندس ڪم وڌي پوي ٿو، ۽ تمام گھڻا ردي جزا وٽس رهجي ٿا وڃن، جنهنڪري تلي وڌي پوي ٿي، جنهن کي هيانچو ٿا چون.

(6) هڏاڻ جون التيون- جيري جو ردي جزا تمام گھڻا ٿا ملن، سو وڃي ٿو پٽ ناهيندو، پٽ گھڻو ئي تيار ٿئي ٿو، جو التيون ڪري ڪڍجي ٿو.

اپاءُ- 1- تپ کان فقط تڏهن بچي سگھبو، جڏهن مڇر ناس ڪبا، تنهن لاءِ جيڪي سندن پيدائش جون جايون هجن، سي بند ڪجن. مڇر بيٺل پاڻيءَ ۾ آنا لاهن ٿا، تنهنڪري آسپاس دٻن ۽ کڏن کي پرائي ڇڏجي ۽ پوسل سڪارائجي. 2 – جتي ائين نہ ڪري سگھجي، اتي گاسليٽ هارجي، چو تہ مڇرن جا ٻچا ساهہ کڻڻ لاءِ مٿي ايندا، تہ ٻوساٽجي مري ويندا. 3 – جيڪڏهن مڇر وڏا ٿين تہ ڏامر، گندرف، لوبان ۽


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڪانئن جي دونهين ڏيڻ سان به مري ويندا. 4 – گهرن ۾ صفائي بلڪل چڱي هئڻ گهرجي ۽ پوسل ٿيڻ نه ڏجي. 5 – جيڪڏهن گهر ۾ ڪي پراڻا ٽانو يا ڀڳل دلا يا شيشا هجن جن ۾ پاڻي پيل هجي، سي ڪڍي ڇڏجن. 6 – گهر جي ڀتين ڪي اڇي پوچي ڏيارجي، ڇو ته اتي مڇر نه رهندا آهن. 7 – کوهن تي پوسل ٿيڻ نه ڏجي ۽ تي سگهي ته کوهه ڍڪائي ڇڏجن. 8 – مڇر رات جو چڪ پائيندا آهن، تنهن ڪري رات جو سمهڻ لاءِ مڇر دانيون ڪم آڻڻ گهرجن. 9 – روز يا هفتي ۾ ٻتي دفعا ڪوئنين وٺڻ گهرجي، ان جي ڪري جيڪي جيوڙا رت ۾ پيدا ٿيا هوندا، سي مري ويندا. 10 – موسمي تپ جي سئي هٽائڻ گهرجي. 11 – مڇرن ڪي ڪارا، نيرا ۽ ناسي رنگ وڻندا آهن، تنهن ڪري انهن رنگن جا ڪپڙا سرءُ ۾ نه ڪڍڻ گهرجن.

(2) **پليگ** (**مهامري**)

ڪارڻ – هيءَ بيماري تمام وچڙندڙ ۽ خوفناڪ آهي. هي مرض پهريائين ڪئي ڪي ٿئي ٿو. جيڪڏهن ڪئو ٻر مان نڪري ۽ موٽي ٻر ۾ نه وڃي، ته سمجهجي ته پليگ ٿيڻي آهي. ڇو ته پليگ واري ڪئي ڪي اڇي پنهنجي ساهه جي لڳندي آهي، جنهنڪري ڪيس ڪنهن به قسم جو ٻاهريون ڏپ نه ٿيندو آهي، تنهنڪري هيڏانهن هوڏانهن ڦري اوچتو مرندو آهي، جڏهن پليگ ۾ ورتل ڪئو مري ٿو، تڏهن ڪارڙا ۽ ٻگهيون ان ڪئي تان اٿي، ٻئي ڪنهن جي رت پيئڻ واسطي هوا ۾ اڏامندا آهن، پوءِ جڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي چڪ پائيندا آهن، ته پليگ جا جيوڙا ان ماڻهوءَ جي گرم رت ۾ گڏجي ويندا آهن. جيڪڏهن ان ماڻهوءَ جو رت ڪمزور هوندو آهي، ته وڏي بيشمار ٿيندا آهن ۽ اهو ماڻهو پليگ ۾ ورتجي ويندو آهي.

نشانيون- پليگ ٻن قسمن جي ٿيندي آهي:

(1) ڳوڙهيءَ واري (2) ڦڦڙن واري.

(1) جيڪڏهن پليگ جي زهر سان ڀريل ٻگهي يا ڪارڙو جو ٽن چئن فوٽن تائين مٿي ٽپا ڏيندو آهي سو ڄنگهه يا ٻانهن ۾ چڪ هڻي ٿو، ته سخت تپ ۽ ان سان گڏ ڇڏي يا ڪڇ ۾ ڳوڙهي نڪري ٿي. (2) ڦڦڙن جي پليگ ورتل ماڻهوءَ کي کنگهه ٿيندي آهي ۽ کانگهاري ۾ جيوڙا نڪري هوا جي رستي وري ٻين ماڻهن ۾ ويندا آهن، تنهن ڪري هي قسم بلڪل خوفناڪ ليکجي ٿو.

اپاءَ- (1) ڪئن کي هميشه ناس ڪندو رهجي، جيڪڏهن ڪئا ملڪ مان ويا، ته جڻ پليگ به وئي. (2) گهر جون پاڙون سيمينٽ سان لنبائي، تري کي فرش هٽائي، ان جون درزون به سيمينٽ ڪرائجن، جيئن ڪئا ٻاهر نه نڪرن. (3) ڪئا گهٽو ڪري ان جي پاڏين ۽ پسارين جي ڪارخانن ۽ حلوائن جي هٽن ۾ جام ٿين ٿا، تنهن ڪري اتي هر وقت ڪئا مارن ۽ دوائن سان ڪئا ڦاسائڻ يا مارڻ گهرجن. (4) گهرن ۾ هر وقت


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

صفائي رکجي، جيڪڏهن ان يا مانيءَ جا ٽڪرا زمين تي پيا هوندا، يا ڇيٽو گهر ۾ پيو ڪنو ٿيندو ۽ گهر جو سامان اڏنگيءَ سان رکيل هوندو، ته ڪئن، ڇيرن ۽ ڪارڙن کي ڇٽڪ دعوت ملي، پر جي گهر ۾ صفائي، روشنائي ۽ هوا گهڻي هوندي ته جيوڙا پيدا ٿي نه سگهندا (5) جي ويجهن شهرن ۾ پليگ هجي ته هڪدم بچاءَ لاءِ ڪوشش ڪري سيني ماڻهن کي پليگ جي سئي يا پليگ جا ٽڪا هڻائڻ گهرجن، جيئن گهڻا ماڻهو سئي يا ٽڪا هڻائيندا، تيئن مرض پکڙڻ جو امڪان گهٽ ٿيندو. (6) جيڪڏهن ڪو ڪئو مري ته ان جي مٿان گاسليٽ وجهي هڪدم ساڙي ڇڏجي، جي اتي ساڙي نه سگهجي ته گاسليٽ وجهي ٻن ڪاٺين ۾ ڪٽي ٻاهر ڪڍي، انهن ڪاٺين سوڌو ساڙي ڇڏجي (7) گهر جا ٽپڙ وغيره سامان ڪڍائي اس ۾ سڪائي صفا ڪرائي ٿانئيڪا ڪري رکجن (8) ڪارڙا ۽ ٻڪهيون زمين کان 3 – 4 فوٽ مٿي مس ٽا اڏامي سگهن، تنهن لاءِ کاڌي پيتي جو سامان مٿي ڇڪن ۾ رکجي، جيڪڏهن گهر کي ماڙي هجي، ته هيٺيون ڪمرو ڇڏي اتي وڃي رهجي (9) جي شهر ۾ اچي پليگ پوي ته شهر هڪدم ڇڏي وڃڻ گهرجي ۽ جيسين بيماري هجي، تيستائين وري نه اچجي، جو ته جيڪڏهن ڪم ڪار لاءِ اچبو يا سڄو ڏينهن شهر ۾ گذاري، وري رات جو ٻئي هنڌ سمهڻ لاءِ وڃبو، ته به پليگ پکڙجڻ جو امڪان آهي. جيڪڏهن لاچار اچڻو پوي ته ڦهريائين سئي هڻائجي. اچڻ وقت جو راب ۽ پٽيون ٻڌي اچجي ۽ گندرف باريڪ پئنل بوٽ ۾ وجهڻ گهرجي، ان ڪري گهمڻ سان گندرف مان گئس نڪري ٿي، جنهن جو اثر بدن ۾ به وڃي ٿو ۽ ٻاهر به جيوڙن مارڻ جو ڪم ڪري ٿو. (10) ٻين شهرن جي معزز ماڻهن کي گهرجي، ته پليگ واري شهر مان جيڪڏهن ماڻهو اچن، ته انهن کي ڊاڪٽر کان تپاسرائي پوءِ شهر ۾ گهرڻ ڏجي. جيڪڏهن ڪو منجهن بيمار هجي، ته ان کي شهر جي ٻاهران لانڍن ۾ رهائڻ گهرجي، ان ڪري بيماريءَ پکڙڻ جو امڪان ڪو نه ٿيندو. (11) پليگ جو وقت گذاري وري شهر ۾ موٽي اچجي ته، هڪدم اچي رهڻ نه گهرجي، مگر ڦهريائين پتين جي صفائي ڪرائي ڇن جي پوچي ڏيارجي ۽ زمين تي ٽانڊا، رک وجهائجن، ڪپڙا ۽ هنڌ وغيره ڪڍي اس ۾ سڪارائجن ۽ پوءِ ڪم آڻجن (12) ڦڦڙن واري پليگ ۾ ورتل ماڻهوءَ جا ڪانگهارا ساڙائڻ گهرجن.

اهي مرض جي کاڌي ۽ پاڻيءَ جي رستي پکڙجن ٿا:

## (3) مدي جو تپ (وڏو تپ)

ڪارڻ - هي وچڙندڙ مرض آهي. هن جو ڪارڻ هڪ قسم جا جيوڙا آهن، جي کاڌي ۽ پاڻيءَ جي رستي پکڙجن ٿا. هي جيوڙا ميلي ۽ گندگيءَ ۾ پيدا ٿين ٿا، جي مکين جي وسيلي کاڌي ۽ پاڻيءَ ۾ اچن ٿا. هن مرض ۾ ڦهريائين آندن ۾ ڳاڙهاڻ، پوءِ ڦٽ ٿين ٿا ۽ پوءِ هيٺيون نشانيون ٿين ٿيون:


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

نشانيون - هن ۾ گرميءَ جو درجو گھٽي تائين وڌيل رهي ٿو ۽ پهرين هفتي ۾ ٿڌ، 2 - ۾ سخت بخار، 3 - ۾ اج، 4 - ۾ مٿي، پيٽ ۽ آنڊي ۾ سور ۽ 5 – هفتي ۾ بي آرامي.

ٻئي هفتي ۾ 1- گرميءَ جو درجو تمام وڌي ٿو جو 4.1 درجن کي پهچي ٿو. 2- ڳاڙها داڻا ڪل تي ظاهر ٿين ٿا. 3- اکيون ڳاڙهيون ۽ جوش واريون ٿين ٿيون. 4 – پيٽ ۽ آنڊن ۾ بي آرامي وڌي ٿي. 5- بک گهٽجي ٿي. 6- زبان تي اڇو تهه ٿهي ٿو. 7- بعضي دست بعضي قبضي ٿئي ٿي.

ٽئين هفتي ۾ 1- مٿيون نشانيون ٿورو گهٽجن ٿيون، پر ٽڪ ۽ هيٺائي وڌي ٿي ۽ بعضي بي هوشي اهڙي ٿئي ٿي، جو بيمار وقلي ۽ ڪپڙا ڦاري ٿو، اهڙيءَ حالت ۾ پوريءَ خبرداريءَ نہ ڪرڻ سبب بيمار جو بچڻ مشڪل ٿئي ٿو، هن حالت مان ڇڙهيو تہ چوٿين هفتي ۾ نشانيون گهٽي قدر ڍريون ۽ بچڻ جي اميد ٿئي ٿي. هن ڪي مدي جو تپ هن ڪري هن ڪري چوندا آهن جو گهٽو وقت جٽاءُ ڪري ٿو.

تپ کي روڪڻ لاءِ سنيال- 1- ڪپڙي ۽ سامان وغيره جي سنيال ڪرڻ گهرجي. 2- ٽڪا ڏيارڻ گهرجن. 3- پاڻي ٽهڪائي، ناري ۽ ڇاڻي ڪم آڻجي. 4- مکين ترڻ جو بندوبست ڪجي. 5- جي ڪو بيمار هجي، تہ ان جو ميلو وغيره پورڻ يا ساڙي ڇڏڻ گهرجي. 6- گهر کي ڪنهن جيوڙن مان دوا سان صفا ڪرڻ گهرجي. 7- سياري ۾ کير يا نارنگي جي رس کان سواءِ ٻيو ڳرو کاڌو نہ ڏيڻ گهرجي.

## بيمار جي ٽهل ٽڪور ڪرڻ

1- آرام 2- هلڪو، پتڙو ۽ قوت بخش کاڌو مثلا کير يا جون جي کش يا تازي ميوي جي رس ڏيڻ گهرجي. 5- نرڙ تي ٿڌو پاڻي وجهجي. 6- دوائون اهڙيون ڏجن جي آنڊن ۾ جيوڙن کي مارن.

## (4) **گهرو مک**

هيءَ مک دنيا جي هر ڪنهن ڀاڱي ۾ موجود آهي. ظاهريءَ طرح مک هڪ بي خوف جيو آهي، پر حقيقت ڪري نانگ بلائون ايترا ماڻهو نہ ٿا مارين، جيترو مک ماري ٿي. جتي گهٽو گند ڪچرو موجود هوندو ۽ ڏپ پيئي ايندي، اتي مکيون اڇيو ميڙ ڪن. هنن کي کائڻ لاءِ ڪي ڏند يا ڇهنبون اصل ڪين آهن، پر هڪ سونڊ ٿيئن ٿي، جنهن سان شيءِ چوسي رلن ٿيون. هيءُ کائڻ جون ڏاڍو هٻڇي آهن، سڄو ڏينهن پيون کائن ۽ هنگن ۽ تنهن کان سواءِ خشڪ شين جهڙوڪ مٺائي، ميوي، مانيءَ وغيره تي الٽيون بہ ڪنديون آهن. هيءُ ٽن طرحن سان مرض پکڙين ٿيون: 1- گند ڪچري تي وهڻ سان سندس ٽنگن ۽ پرن ۾ مرض جا جيوڙا چنبڙي پون ٿا. جڏهن


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڪاڌي پيتي جي شين تي وهن ٿيون، تڏهن اهي جيوڙا اتي ڇڏين ٿيون. 2- الٽين جي رستي ڪاڌي پيتي جي شين تي جيوڙا اڇلن ٿيون. 3 – ٽوري جي رستي شيون خراب ڪن ٿيون.

اپاءُ- 1- ڪاڌي پيتي جون ڪي به شيون اگهاڙيون نه رکجن. 2- بازاري شيون جي اگهاڙيون رکيل هجن، سي ڪم نه آڻجن. 3- جاين جي ويجهو گند ڪچرو ۽ پوسل ٿيڻ نه ڏجي. 4- ڪاڪوسن ۾ وقت به وقت فنائيل جو پاڻي هارجي. 5- فلٽ دوا سان مکن کي ناس ڪجي.

(5) **وبا (ڪالرا)**

ڪارڻ- 1- هن مرض جا جيوڙا پاڻيءَ ۽ ڪاڌي جي وسيلي بدن ۾ داخل ٿين ٿا. هي جيوڙا گندي پاڻيءَ، ڪاڪوسن خراب پاڻيءَ جي حوضين ۽ ڍڳن جي ڇيڻن ۾ پيدا ٿين ٿا، پوءِ جيڪڏهن مينهن پوندو آهي ته هي جيوڙا ان پاڻيءَ سان گڏجي، وڃي کوهن ۾ داخل ٿيندا آهن، ان پاڻيءَ کي ڪتب آڻڻ ڪري وبا ٿيو پوي. 2- مريض جي دستن ۽ الٽين ۾ به لکين جيوڙا ٿين ٿا، جن تي مکيون اچي ويهن ٿيون، جي اهي مکيون ڪاڌي تي ويهن ٿيون، ته به ڪالرا ٿيو پوي. 3- ڪالرا جي وقت ۾ اڻ ٿهڪيل ڪير ۽ تمام ڪچي يا تمام پڪي ميوي کائڻ ڪري ۽ مکين جهنگيل شين کائڻ ڪري به ڪالرا ٿئي ٿي.

نشانيون- 1- دست پاڻيءَ جهڙا ۽ سندن رنگ پڇيءَ جهڙو 2- عضون ۾ ڳيڙيون 3- الٽي پاڻيءَ جهڙي 4- سخت تاس 5- پيشاب بند 6- نهن ڪارا ٿيڻ 7- پچاڙي ۾ لڳ ٽريو وڃن.

اپاءُ- 1- هن مرض کي پکيڙيندڙ مک آهي، تنهن ڪري ڪوشش ڪري مک کي ناس ڪجي، ان لاءِ گهر ۾ هميشه صفائي هئڻ گهرجي ۽ پاڻيءَ ۾ فنائيل گڏي اهو ڇٽڪارجي، ته مک ويجهو نه ايندي. هر هڪ ماڻهوءَ کي پاڻ سان فنائيل جون گوريون رکڻ گهرجن. ڏوءَ پوءَ جو پاڻي گهر ۾ بلڪل نه هارجي ۽ ڪاڪوسن ۽ نالين ۾ چن ۽ فنائيل ڇٽڻ گهرجي. 2- کوهن ۾ پوٽئشم پرميگنٽ دوا وجهڻ گهرجي ۽ گهرن ۾ به اها دوا موجود هئڻ گهرجي، پاڻي ڪاڙهي ان ۾ دوا وجهي رکجي، ٽرڻ بعد پاڻي چاٽي ڪم آڻجي. 3- ڪاڌي جي سامان سڀ ڄاريءَ وارن ڪٻٽن ۾ بند ڪري رکجي، جيئن مکيون اندر وڃي نه سگهن. 4- بازارين ۾ به ڪاڌي جون شيون کليل رکڻ نه ڏجن، ٿي سگهي ته بازاري شين جو واهپو بلڪل بند ڪجي. 5- گدرا، ونگا، هنداڻا ۽ ميها بلڪل ڪم نه آڻجن، جو ته اهي وائي ڪندڙ آهن. 6- ڪارڪون ۽ تمام پڪل انب جن تي مکيون ويهن ٿيون، سي شهر ۾ بلڪل اچڻ نه ڏجن. 7- گهر ۾ ماني تيار ڪرڻ وقت پاڻي ٿهڪائي، ان سان باسڻ خوب صفا ڪري پوءِ ڪاڌو تيار ڪرائجي ۽ اهو


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

کاڌو گرم کم آڇجي، نريل کاڌو اصل نہ واپرائجي. 8- کير چڱيءَ طرح جوش ڏياري کارائجي. 9- اڻ رڌل ڀاڄيون يا ڪچو ۽ سڙيل ميوو ڪم نہ اڇجي. 10- کوهن جو پاڻي خراب نہ ٿئي، تنهن لاءِ هر طرح جا بندوبست ڪرڻ گهرجن. 11- سيني ماڻهن کي ڪالرا جي سئي هڻائڻ گهرجي.

## گهر ۾ بيماري ٿئي تہ ان جي سنڀال هن ريت ڪجي

1- وبا واري ماڻهوءَ کي الڳ رهائڻ گهرجي. 2- مريض جي الٽين ۽ دستن ۾ ڪاربونڪ تيزاب ملائي پيئڻ واري پاڻي جي جاءِ (کوه وغيره) کان پري اونهي کڏ کٽي پورڻ گهرجي يا ساڙڻ گهرجي. 3- بيمار جا ڪپڙا ۽ ٿانو ٿهڪندڙ پاڻيءَ ۾ وجهي، کين جوش ڏجي جيئن جيوڙا سڀ مري وڃن. 4- بيمار کي ڪافي يا گرم کير پيارجي. 5- بيمار جا هٿ پير گرم ڪجن ۽ کيس گرمي پيدا ڪندڙ شيون مثلاً ادرڪ، سنڍ، هنگ، ڪارا مرچ ۽ شراب وغيره ڏجن. 6- جيڪو بيمار جي خدمت ڪري ان کي پنهنجا هٿ وقت بوقت خدمت ڪرڻ بعد تيزاب گڏيل پاڻيءَ يا ڪاربانڪ صابڻ سان صفا ڪرڻ گهرجن. 7- ڊاڪٽر کي هڪدم گهرائڻ گهرجي.

## (6) دست

هيءَ آندن جي بيماري آهي، جا هڪ قسم جي جيوڙن مان ٿئي ٿي. جڏهن هي جيوڙا وڌي گهڻا ٿين ٿا، تڏهن آندا ضعيف ۽ ڪمزور ٿين ٿا، جنهن ڪري منجهائن کاڌي کي هضم ڪرڻ خواهہ ڦوڳ مان پاڻيءَ جذب ڪرڻ جي طاقت گهٽ ٿئي ٿي، جنهن ڪري ٿورو پٽڙو ۽ بدهاضمي وارو اچي ٿو ۽ هر هر اچي ٿو، جنهن کي اسين دست چئون ٿا.

دستن ۾ پيٽ ۾ گڙڪا پون ٿا ۽ وقتي سور بہ ٿئي ٿو.

سبب- هن مرض جا جيوڙا پاڻيءَ ۽ کاڌي جي رستي بدن ۾ داخل ٿين ٿا:

(1) ڍين وارو مقام جي پر وارو ۽ بيٺل پاڻي هن بيماريءَ جو خاص ڪارڻ آهي. (2) جنهن کاڌي تي مکيون ويهن ٿيون، سو بہ هن بيماريءَ جو بنياد آهي. (3) تمام ڪچو يا تمام پڪل ميوو يا طعام پوريءَ طرح رڌل نہ هئڻ ڪري بہ بدهاضمون ٿئي ٿو، جنهن ڪري بہ دست ٿين ٿا. (4) گهڻيءَ ٿڌ يا گهڻيءَ گرميءَ ڪري بہ هاضمي جا عضوا ضعيف ٿين ٿا، جنهن ڪري دست ٿين ٿا. (5) موسم بدلجڻ وقت پوري سنڀال نہ ڪرڻ ڪري بہ هيءُ بيماري ٿيو پوي.

علاج:- (1) پهريائين ارنڊيءَ جو هلڪو جلاب ونجي تہ معدو ۽ آندا بلڪل صفا ٿي پوندا.

هڪ آئونس ارنڊي هڪ پاءُ ڳائي کير ۾ وجهي پيئڻ سان معدو ۽ آندا صفا ٿي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ويندا. (اهو وزن بالغ ماڻهو واسطي آهي ننڍن واسطي گهٽ وزن ڪم آڻجي.) (2) ان ڪان پوءِ ڪاڏو بلڪل هلڪو ۽ نرم ڪائڻ گهرجي، جنهن ڪري هاضمي جي عضون تي گهڻو بوجهه نه پوي. (3) بيمار کي نرم ۽ گرم بستري تي سمهارجي ۽ ڪيس هوا جي سڌيءَ لهر کان پاسو ڪرائجي. (4) بيمار کي دست اچڻ مهل اٿڻ جي تڪليف نه ڏجي مگر ڪنهن برتڻ ۾ دست وٺي ان جو پورو نيڪال ڪجي. (5) بيمار جي پيٽ کي ڪپڙو ويڙهي ڇڏجي. انهن اپاون سان اميد ته بيمار جلد چڱو ڀلو ٿيندو. (6) هڪدم دست بند ڪرڻ جو دوائون ڪم نه آڻجن مگر آهستي آهستي دست بند ٿيڻ چڱا آهن.

## (7) سوري

هيءَ به آنڊن جي بيماري آهي ۽ جيوڙن مان ٿئي ٿي.

علامتون:- هن بيماريءَ ۾ آنڊن ۾ ڦٽ ٿين ٿا، جنهن ڪري ٿوري اچڻ وقت سخت تڪليف ٿئي ٿي ۽ ڏن وٺ پيچ پون ٿا ۽ بعضي پيٽ ۾ به سور ٿئي ٿو. هيءَ بيماري درجي بدرجي خوفناڪ رو ڏيکاري ٿي. پهريائين ٿوري ۾ رت اچي ٿو ۽ ٿورو هر هر اچي ٿو، ان ڪان پوءِ ٿورو بند ٿيندو وڃي ٿو. آنڊن جي ڪور روڳ وانگر وقت بوقت ايندي رهي ٿي، جا بيمار کي بلڪل ڪمزور ڪري ٿي ڇڏي، تان جو بيمار اٿڻ ويهڻ کان لاچار ٿئي ٿو، تنهن ڪان پوءِ بدبوءِ سان پاڻي پيو وهندو آهي. هيءَ بيماري اهڙي موتمار آهي، جو جيڪڏهن يڪدم سنڀال نه ونبي ته بيمار کي نهوڙي نيندي.

سبب :- هن بيماريءَ جاڪارڻ گهڻو ڪري اهي ئي آهن جي دستن جو ڪارڻ آهن، مگر گرم موسم ۾ ۽ ميهوڳيءَ جي وقت ۾ هيءَ بيماري گهڻي ٿيندي آهي.

علاج :- (1) جڏهن شروع ۾ هيءَ بيماري ظاهر ٿئي، تڏهن زيتون ۽ ڦري ڪائڻ سان به دفع ٿئي ٿي. (2) نرم چانور رنڌائي ان ۾ آهر وجهي ڪائڻ سان به گهڻو فائدو ٿئي ٿو. (3) جيڪڏهن انهن علاجن سان هيءَ بيماري نه ڇڏي ته يڪدم ارنڊيءَ جو جلاب وٺي آنڊو صفا ڪرڻ گهرجي. (4) ان ڪان پوءِ بيمار جي پيٽ کي گرم ڪپڙو ويڙهي آرام سان سمهارجي ۽ ڪيس چرڻ پرڻ نه ڏجي. (5) سوريءَ وارو ٿورو تيزاب ۾ ملائي ناس ڪجي يا صفا ساڙي ڇڏجي. (6) بيمار جي ڪاڏي پيتي جي بلڪل سنڀال ڪجي، ڪيس بلڪل هلڪو ڪاڏو پتڙي ڪانجهي وغيره ڏيڻ گهرجي. (7) ڏڌ به فائدو ڪري ٿو. (8) ڪنهن هوشيار حڪيم يا ڊاڪٽر ڪان يڪدم علاج ڪرائجي. (9) بيمار کي ڪم ڪار بند ڪري آرام وٺڻ گهرجي.

اهي مرض جي هوا جي رستي پکڙجن ٿا:

## (8) سلهه

نشانيون :- هن مرض ۾ شروع ۾ بخار ۽ کنگهه شروع ٿئي ٿي، ان ڪان پوءِ



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڪانگهاري ۾ رت ۽ پونءِ اچي ٿي، جنهن ڪري ڦڦڙن ۾ سوراخ ٿي پوندا آهن، ان ڪان پوءِ مريض هيٺو ۽ ڪمزور ٿيندو وڃي ٿو.

قسم- هن مرض جا ٽي قسم ٿين ٿا. 1- هڏي واري سلهه 2 – ڦڦڙن واري سلهه 3- آنڊي واري سلهه

هڏي واري سلهه:- جڏهن هڏي کي سلهه ٿئي ٿي، تڏهن ان هنڌ ڦٽ ٿئي ٿو، جنهن مان هڏي جي ڪور لهندي اچي ٿي ۽ اهو ڦٽ ڇٽي اصل نه ٿو، جيڪڏهن ڪوشش ڪري ڦٽ ڇٽائجي به ٿو، ته به وري اندر هڏي جي سلهه سبب ڪوٽ پيدا ٿئي ٿي، جنهن ڪري ساڳيءَ هنڌ ڦٽ ٿي وهڻ لڳي ٿو ۽ درجي بدرجي اها سلهه هڏي تي پکڙندي رهي ٿي، تان جو هڏا بيڪار ٿيندا ۽ ماس ۾ ڦٽ وڌندا وڃن ٿا ۽ بيمار ضعيف ٿيندو وڃي ٿو.

اپاءُ- هن سلهه جو اپاءُ فقط اهو آهي، جو يڪدم آپريشن ڪرائي، اهو هڏو ڪڍائي يا ڪپائي ڇڏجي، نه ته هيءَ موت مار مرض مارڻ کان سواءِ نه ڇڏيندو.

ڦڦڙن واري سلهه:- هن جا ٻه نمونا ٿين ٿا: 1- زور واري سلهه 2- پراڻي سلهه.

زور واري سلهه :- هن ۾ سڀ غلاظتون يڪدم ظاهر ٿين ٿيون. 1- سيءُ سان بخار 2- رات جو گهڻو پگهر اچڻ 3- ڪنگهه ۾ ڳاڙهو بلغم اچڻ 4- ان ڪان پوءِ رت ۽ ڦڦڙن جا زرڙا اچڻ 5- سيني ۾ سخت سور. انهن حالتن ۾ مريض روز بروز ايتري قدر ضعيف ٿيندو ويندو آهي، جو وقتي هفتي ٻن ۾ نه ته به مهيني يا ٻن ۾ لاڏاڻو ڪري ويندو آهي.

پراڻي سلهه :- هيءَ آهستگيءَ سان شروع ٿئي ٿي، بعضي زڪام يا ڪنگهه سان شروع ٿيندي آهي، بعضي اوچتو بلغم اچي ٿو، جو گهڻو ڪري ڪبي ڦڦڙ مان اچي ٿو، هن جا ٽي درجا ٿين ٿا.

درجو پهريون :- 1- مريض اداس ۽ ناخوش رهي ٿو 2- ٿوري ٿوري خشڪ ڪنگهه 3- صبح جو هسليءَ جي هڏي جي مٿان يا هيٺان سور 4- بدهاضمي جي شڪايت 5- سٺيي طعام کان نفرت 6- ساهه کڻڻ ۾ ڪجهه قدر تڪليف 7- ٿوري ڪم ڪرڻ سان دمڪُشي 8- روز بروز هيٺائي 9- ڪجهه عرصي کان پوءِ رت گڏيل بلغم اچي ٿو ۽ ڪڏهن ڪڏهن بلغم سان گڏ گهڻو رت اچي ٿو.

درجو ٻيو :- هن ۾ 1- ٻک بند ٿي وڃڻ 2- هٿن پيرن جو سڙڻ 3- ڪنگهه ۽ دمڪشيءَ ۾ واڌارو 4- نبض تيز ٿي وڃڻ 5- بخار اچڻ مگر رات جو سيءَ سان ۽ گهڻو 6- ڏينهن جو ٿورو پگهر وڌيڪ 7-ڳٽن جي مٿين پاسن تي ڳاڙهاڻ ڏسڻ ۾ اچي ٿي.

درجو ٽيون :- هن ۾ 1- مٿين علامتن ۾ سخت زور ٿئي ٿو 2- بلغم ۾ پونءِ اچڻ لڳي ٿي 3- پگهر گهڻو اچي ٿو 4- دست شروع ٿين ٿا 5- مريض سڪي ڪنڊا


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

تي وڃي ٿو 6- بک صفا بند ٿئي ٿي 7- هٿن پيرن تي سوڄ ٿئي ٿي 8- سخت ڪمزوري ۽ موت جون نشانيون سڀ ظاهر ٿين ٿيون مگر مرڻ تائين بہ هوش سالم رهي ٿو.

نوٽ :- پهرين درجي ۾ علاج پوريءَ طرح ٿي سگهي ٿو ۽ ٻئي درجي ۾ سخت تڪليف ٿئي ٿي، پر ٽئين درجي ۾ مرض لاعلاج ٿئي ٿو، هي مرض سال يا ٻن سالن ۾ پنهنجو ڪم پورو ڪري مريض کي موت تائين رسائي ٿو.

ڪارڻ :- 1- هي مرض گهڻو ڪري موروثي ٿئي ٿو، جو تہ مريض جو اولاد بہ ضرور نبل ٿئي ٿو، ۽ واسيل گهر ۾ نپجڻ ڪري منجهس جيوڙا بہ جاءِ وٺي ويندا 2- ڪيترين بيمارين ۾ ضعيف ٿيڻ سبب بہ سلھ ٿئي ٿي 3- تمام گهڻو فقر 4- هيٺائي ۾ سخت محنت ڪرڻ 5- ڪمزوري 6- هاضمي جي خرابي 7- سارو ڏينهن مٽيءَ ۽ ڪپھ جي ڪارخانن ۾ ڪم ڪري رات جو سوڙهين جاين ۾ سمهڻ 8- چوڪرن ۾ خراب عادتون هئڻ ۽ بدن جي پوري سنڀال نہ ڪرڻ 9- ننڍپڻ جي شادي 10- زالن کي ڪليل هوا کان پري رکڻ. اهي سڀ سلھ جا سبب آهن.

آنديءِ واري سلھ:- هن ۾ جيوڙو کير وغيره جي رستي آنديءِ ۾ وڃي ٿو. هن ۾ مرض ۾ بيشمار دست اچن ٿا جن کي اتيسار بہ چئجي ٿو. هن بيماريءَ ۾ جهڻ جام پيئڻ گهرجي.

سلھ جو پکڙڻ:- 1- مريض جتي ڪٿي ڪانگهارا اڇلي ٿو، جي سڪڻ بعد ان مان سلھ جا جيوڙا هوا سان ملي وڃن ٿا، جي ساھ کڻڻ رستي ٻين ماڻهن جي بدن ۾ داخل ٿين ٿا 2- ڪن ڳاين کي سلھ ٿئي ٿي، جن جي کير پيئڻ ڪري بہ سلھ ٿيو پوي 3- اهڙين جاين جي ڇيٽي مان ليپو پاتل زمين تي ٻار ريڙهيون ڏين ٿا، تہ اهي جيوڙا ٻارن تي حملو ڪن ٿا 4- سلھ وارن جانورن جي گوشت کائيندي بہ سلھ ٿيو پوي.

سلھ کان بچڻ لاءِ اپاءُ :- 1- هر هنڌ ٿڪ يا ڪانگهارو نہ اڇلائجي، پر ڪنهن بوتل ۾ ڪنو ڪجي جنهن ۾ جيوڙن مار دوا پيل هجي يا ڪن صاف اڱڙين ۾ ڪنو ڪندو رهجي، بوتل هميشہ ڍڪي رکڻ گهرجي، ڪنا ڪيل ڪانگهارا ساڙي يا پوري ڇڏڻ گهرجن 2- ڪنهن جيوڙن مار دوا ۾ رومال پسائي ڪنگهڻ مهل وات جي اڳيان جهلجي ۽ ڪانگهاري ڪيڻ بعد ساڳئي رومال سان اگهي ڇڏڻ گهرجي 3- کير هميشہ ڪاڙهي پيئڻ جي ۽ گوشت چڱيءَ طرح رڌي کائجي 4- روز کير ۾ مڇيءَ جو تيل وجهي پيئڻ گهرجي 5- تازيءَ هوا ۾ وقت گذارجي، هوادار ۽ اس واريءَ جاءِ ۾ رهجي ۽ در دريون کولي ڇڏجن، خاص ڪري رات جو سمهڻ وقت 6- بدن جي طاقت ورزش ۽ سني ڪاڌي سان وڌائجي ۽ سنيءَ هوا ۾ رهڻ سان رت کي طاقت مند ڪجي 7- بيمار جي ڪوٺي دوا گڏيل پاڻيءَ سان جلد جلد پيئي ڌوئجي 8- مکين کي تڙي ڪڍجي 9- مريض کي خشڪ ملڪ ۾ وٺي وڃجي تہ بهتر 10- بيمار جي ڪوٺي دز


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

(مٽيءَ) کان بچائجي 11- ڪنهن به قسم جي ضعيف ڪندڙ بيماري ٿئي ته يڪدم علاج ڪجي 12- اس ۽ تازي هوا تي خاص ڌيان ڏجي.

## (9) ماتا

نشانيون:- هن وچڙندڙ بيماريءَ جون هيٺيون نشانيون آهن:

1- سخت تپ، پٺيءَ ۾ چيلهه جي سور سان شروع ٿيندو آهي 2- ٽن ڏينهن جي تپ کان پوءِ بدن تي سنهي داڻ نڪرندي آهي ۽ تپ هٽي ويندو آهي 3- چوٿين ڏينهن ٿلها داڻا ٿيندا آهن 4- پنجين ڏينهن داڻن ۾ پاڻي پيربو آهي ۽ موتين وانگر ڏسبا آهن، جي چوڌاري ڳاڙهو پيريل ۽ چوٽيءَ ۾ چگهه ٿيندو اٿن 5- اٺين ڏينهن داڻن جو پاڻي پونءِ جي صورت وٺندو آهي ۽ تپ سياندي سان شروع ٿيندو آهي 6- ڏهين ڏينهن کان پوءِ داڻا مڙڻ لڳندا آهن ۽ پندرهين ڏينهن تائين ڪڙيون ٿڇي ويندا آهن 7- ان کان پوءِ هفتي کن ۾ چيچڪن جي صورت ۾ لهي دائمي داغ ٿيندا آهن. ڪيترا بيمار انهن ٻن هفتن جي اندر مري ويندا آهن ۽ ڪيترن جون اکيون ناس ٿي وينديون آهن.

مرض جو پکڙجڻ:- مٿيون سمورو وقت بيمار مان هوا جي ذريعي ٻين کي واس پيو پهچندو آهي، تنهن ڪري سوين ماڻهون مرض جو شڪار ٿين ٿا.

بيمار جي سنڀال- 1- بيمار کي جدا ڪوٺيءَ ۾ رهائجي 2- داڻن وارن هنڌن کي مهٽڻ يا کنهڻ نه ڏجيس، نه ته خراب ڦٽ ٿي پوندا 3- بيمار جي جاءِ کي صاف ۽ ٿڌو رکجي 4- بيمار جو هنڌ ۽ ڪپڙا صاف هجن، جي وقت بوقت ٿهڪائڻ گهرجن 5- ٻين ماڻهن خاص ڪري ٻارن کي ويجهو اچڻ نه ڏجي 6- بيمار جو گند وغيره ساڙڻ گهرجي 7- بيمار کي ٿڌيون شيون کارائڻ گهرجن 8- بيمار کي راڳ ٻڌڻ سان آرام ايندو آهي، تنهن ڪري زالون ماتا جا راڳ ڳائينديون آهن، جنهن کي اورڳڻ چئبو آهي اورڳڻ 9- بيمار کي خارش ٿئي، ته ڪيس ٿڌڙا ڪيجن (آهستي بدن تي هٿ گهمائجي) ته آرام ايندو 10- جيڪو بيمار جي ٽهل شيوا ڪري ان کي ٽڪا ضرور ڏنل هجن.

## بيماريءَ کان پاڻ بچائڻ جا اپاءُ

ڪالرا کان پاڻ بچائڻ سولو آهي، جو ته ڪاڌو پيتو سنڀالبو ته بچاءُ ٿيندو مگر هن بيماريءَ کان بچڻ ڏکيو آهي، جو ته هوا ڪئين صاف ڪبي؟ هن مرض کان پاڻ بچائڻ جو فقط هڪ رستو آهي ”ٽڪا ڏيارڻ“ ٽڪا ٻارن کي 12 مهينن ۾ ڏيارجن، وري ستين ستين ورهين کان پوءِ به پيا ڏيارجن. ٽڪن ڏيارڻ کان پوءِ ٽڪن جو ٻج اگهجي نه، پر چڙي ڏجين ته پاڻهي پرجي ويهارو ڏينهن ۾ سڪي ويندا. جيڪڏهن هڪ هفتي بعد ٽڪا ڪين پرجن، ته ٻار کي وري ٻيهر ٽڪا هڻائڻ گهرجن.



سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

### (10) انفلوئينزا

هي خوفناڪ ۽ وچڙندڙ مرض آهي، جو گهرن جا گهر ۽ شهرن جا شهر ويران ڪري ٿو ڇڏي.

علامتون :- 1- زڪام ۽ مٿي جو سور 2- نڙي ۽ ڇاتيءَ ۾ سور 3- آواز گهگو ٿي وڃڻ 4- تپ 5- بيهوشي ۽ وقلڻ 6- بيمار جو ماڻهو نہ سڃاڻڻ، ڇو تہ اڪين تي اهڙي رو چڙهي وڃي ٿي، جو بيمار ڪي خبر نہ ٿي پوي. هيءَ موت مار بيماري هفتي اندر پنهنجو ڪم تمام ڪري مريض ڪي موت رسائي ٿي.

ڪارڻ :- هن مرض جو ڪارڻ هڪ قسم جو جيوڙو آهي، جو هوا جي رستي پکڙجي ٿو.

اپاءُ :- بيمار ڪي جدا ڪوٺيءَ ۾ رهائڻ گهرجي ۽ جيترو ٿي سگهي ان جي ويجهو نہ وڃجي، فقط هڪ يا ٻہ ماڻهو ان جي ٽهل ٽڪور لاءِ مقرر رهڻ گهرجي. 2- بيمار جي ٿڪ ۽ ميلو ساڙڻ گهرجن، جيئن جيوڙا نہ پکڙجن 3- انفلوئينزا جا ٽڪا ڏيارڻ گهرجن 4- رومال ۾ ڪافور جي تيل جا ڦڙا وجهي سنگهجي 5- لوڻ پاڻيءَ ۾ ملائي ان سان گرڙيون ڪجن 6- صفائي ۽ ڪليل هوا ۾ ڪسرت تي ڌيان ڏيڻ گهرجي 7- لوڻ گڏيل پاڻيءَ سان نڪ صاف ڪرڻ گهرجي.

### (11) ڏيد

هيءَ بيماري گدلائيءَ ڪان ٿئي ٿي. جتي گهڻا ماڻهو سوڙهہ ۾ رهندا آهن، اتي هيءَ بيماري وڏي وجي ٿي. اڪثر سٿر، مٿي ۽ وهڪ جي جاءِ تي ڏيد نڪرندي آهي. هن بيماريءَ جو ڪارڻ بہ هڪ قسم جو جيوڙو ٿئي ٿو، جو چمڙيءَ ۾ جاءِ ڪري گول چڪر ٺاهيندو آهي. هيءَ بيماري وڌڻ ۾ ويرم ڪانہ ڪندي آهي، بعضي تہ سڄو بت ونجي ويندو آهي.

علاج :- ڏيد واري بيمار ڪان بلڪل پاسي رهجي، سندس ڪابہ شيءِ چيز يا لٽو ڪپڙو ڪم اصل نہ آڻجي، بيمار ڪي بنان دير جي چڱي ڊاڪٽر ڪان علاج ڪرائڻ گهرجي ۽ ڏيد واري هنڌ تي پسيل ڪاري مس يا پڪ يا سرڪي لائڻ مان بہ فائدو ٿيندو.

### (12) وار ڪيئون

هن مرض تي اهو نالو هن ڪري پيو آهي، جو انهيءَ مرض جو هڪڙو وار جهڙو اڊائي فوٽ ڊگهو ڪيئون آهي.

هيءُ ڪيئون هندستان جي گهڻن ڀاڱن ۾ پکڙيل آهي، خاص ڪري دکن ۾



www.sindhsalamat.com
سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

گهٽي انداز ۾ ٿئي ٿو. سنڌ ملڪ ۾ تر ۾ عام آهي. وار ڪينئين جا ٻچا پاڻي ۾ 5-6 ڏينهن مس رهي سگهن ٿا.

هڪڙا ننڍا جيت سائيڪلاپس (پونئرا) پاڻي ۾ پيدا ٿيندا آهن، جي ململ جي سنهي لٽي ۾ پاڻي ڇاڻڻ بعد مس ڏسي سگهبا آهن. وار ڪينئن جا ٻچا انهن پونئرن جي پيٽ ۾ لنگهي ويندا آهن. ماڻهو جڏهن اهو پاڻي پئي ٿو، تڏهن اهي سائيڪلاپس (پونئرا) معدي ۾ وڏي وڏا ٿين ٿا ۽ بدن جي ڪنهن آلي عضوي تي ظاهر ٿين ٿا. وار ڪينئين مان ماڻهو هڪ واريءَ ورتو ته ڦاٽو، تپ، خارش، ڇاپاڪو ۽ بدن تي سنها زخم هن جون مکيه نشانيون آهن ۽ زخم جي وچ تي اڇي ڌاڳي وانگر هڪ ننڍو ڪينئون ڏسبو آهي. ڪاريگريءَ سان آهستي آهستي ان کي ڏنڊڻ تي ويڙهي ڪڍي سگهجي ٿو.

علاج :- 1- وار ڪينئين وارن مريضن کي پيئڻ واري پاڻيءَ کي هٿ پير لائڻ نه ڏجي 2- پاڻي سنهي ڪپڙي سان ڇاڻي پوءِ ڪم آڻجي 3- وار ڪينئين جا ٻچا پاڻيءَ ٽهڪائڻ سان به ناس ٿيندا 4- پاڻيءَ ۾ ٿورو پوٽيشم پرمئنگنيٽ وجهڻ سان پاڻي صاف ٿيندو.

## سوال

1- وچڙندڙ بيمارين ڪن ماڻهن کي ٿين ٿيون ۽ ڪن کي نه ٿيون ٿين، تنهن جا سبب ڪولي ٻڌايو؟

2- وچڙندڙ بيماريون ڪهڙيون آهن ۽ انهن جو مختصر بيان ڏيو؟

3- سلهه جون نشانيون ٻڌايو ۽ ڪيئن ٿارجي؟

4- سئي هڻڻ مان فائدا ٻڌايو؟

5- ماتا کان بچڻ لاءِ ڪهڙا اپاءُ آهن؟

## ٻارن جي سنڀال

اسان جي ملڪ ۾ ڪيترا ٻار موت جو شڪار ٿين ٿا، ۽ ڪيترا روڳي نظر اچن ٿا، تنهن جو ڪارڻ اڪثر ڪري سنڌن مائرون آهن. جيڪڏهن سڀ ڪنهن زال کي ٻارن جي سنڀال جي پوري خبر هجي ۽ پورن اصولن موجب هلن، ته هوند جيڪر بي بها گلڙن جي حياتي خراب نه ٿئي.

مائرن کي ٻارن جي ڪاڏي لاءِ ابهرو هرگز ٿيڻ نه گهرجي. ڪي زالون ننڍن ٻارن کي مکڻ ڪارائينديون آهن. اها سنڌن سراسر غلطي آهي، ڇا لاءِ جو ٻار جو معدو تمام ضعيف ٿئي ٿو، تنهن ۾ ڳرا کاڌا کٿان هضم ٿيندا. ٻار ڄمڻ بعد ڪنهن به کاڌي تي هريل نه آهي، تنهن کي پٽڙي ماءُ جي ٿڄ بس آهي. شروعات ۾ ٻين جانور


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

جو کير، مکڻ، مصري، گيهہ ۽ ٻيون اهڙيون شيون کارائي ٻارن سان ظلم ڪرڻو آهي.

انهيءَ ڪري ٻارن کي التيون، دست ۽ پيٽ ۾ سور ٿئي ٿو. ٻار ويچارو پنهنجو دک ٻڌائي ڪين سگهي ٿو. تنهن ڪري ٻار جي بيماريءَ جي بلڪل چڱيءَ طرح جاچ ڪري پوءِ ان جو علاج ڪجي. ڄمڻ بعد ڪي هفتا ٻار فقط متو، ڄنگهون ۽ ٻانهون چورين پورين ٿا، تنهن مان سندن طاقت معلوم ڪري سگهبي. ڇئن مهينن بعد ٻار ۾ ڌيان ڪرڻ جي طاقت پيدا ٿئي ٿي، جو هيڏانهن هوڏانهن چلڪي وارين شين ڏي پيو نهاريندو آهي. جيڪڏهن ٻار ائين نہ ڪري تہ ان جي سمجھ جي طاقت گهٽ ليکبي. ستين مهيني ڏاري ٻار کي ڏند ڄمڻ شروع ٿين ٿا ۽ ٻارهن مهينن بعد پنڌ ڪرڻ جهڙو ٿئي ٿو، جيڪڏهن ائين نہ ٿئي تہ ٻار جا هڏا ضعيف سمجهڻ گهرجن ۽ هڏن جي مضبوطيءَ جو علاج ڪجي. جي ٻار رات جو وات ڦاڙي سمهن يا ڪليون ڪاڙو ٿي پوين، تن جو بر وقت چڱي ڊاڪٽر کان علاج ڪرائجي، نہ ڪنهن وڏي جوکي هيٺ اچبو. روئڻ ۽ ڪلڻ تہ ٻار جو مرڪ آهي، پر جيڪڏهن ٻار ڏاڍيون رڙيون ڪري روئي تہ ڪيس پيٽ جو سور سمجهڻ گهرجي ۽ ان جو علاج ڪجي. جيڪڏهن ٻار جي متي ۾ گهنج پون، تہ ڪيس متي جو سور ڄاڻڻ ڪپي. جيڪڏهن ٻار هٿ هلائي سخت روئي تہ ڪن جو سور سمجهجي ۽ ڪن جي سور ۾ بعضي ڪن وهندو بہ آهي. ڪڏهن ڪڏهن ٻار اوچتو بي هوش ٿي ويندو آهي ڳنڍيون پئجي وينديون اٿس يا اکيون ڦيرائي ويندو آهي، ان بيماريءَ کي ٻاراٿو چئبو آهي. هيءَ حالت خوفائتي آهي، پر جيڪڏهن خبرداري ڪبي، تہ جوکي کان بچي پئبو.

علاج- ٻار جا پير ۽ ڄنگهون نيم گرم پاڻيءَ ۾ وجهجن ۽ متي تي ٿڌي پاڻيءَ جي اڳڙي ٻوڙي رکجي جڏهن ٻار هوش ۾ اچي، تڏهن سندس مرض جاچائي علاج ڪجي.

## ٻارن لاءِ وقت بوقت خبرداريون

ٻار جي ڄمڻ بعد 4-5 ڪلاڪن کان پوءِ ماءُ ڇاتي ڪيس ڌوئي ڏئي ڏئي. وري ٻن ٽن ڪلاڪن بعد ٿڃ ڏارائيندو رهجي ۽ رات جو ڇئن ڪلاڪن بعد ٿڃ ڏبي تہ اٽڪاءُ نہ آهي. ٿڃ ڏيڻ بعد ماءُ وري ڇاتي ڌوئي ڇڏي. ٻار کي پيارڻ جو پاڻي ڪاڙهي ٺاري ۽ ڇاڻي ڏار ڪري رکجي. جڏهن ٻار کي ڏند ڄمن، تڏهن ڪيس سيگو ڇانور رڌي نرم ڪري کارائجن. اٺن مهينن بعد ٻار کي نرم ماني ۽ ٻيون ڇٻاڙڻ جهڙيون هلڪيون شيون ڏجن. 9 مهينن بعد ٻار کي ٿڃ ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪجي ۽ ٿڃ جي بدران ڳائو کير اڌو اڌ ٽهڪايل پاڻيءَ ۾ ملائي کنڊ ذرو وجهي پيارجي، وس لڳي شيشي جا ٻبا جن تي رٻڙ جون ٻنديون لڳل ئي ٻارن کي کير ڏنو ويندو آهي ڪم نہ آڻجن. ڏندن ڦٽڻ


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

وقت ٻار جي سخت خبرداري ڪجي، ڪو به دير هضم ڪاڌو نه ڏجيس ۽ ٿڌ کان بچائجيس. جيئن ٻار ننڍو تيئن ڪيس ننڊ گهڻي ڪرائجي. پهرين سال ۾ روزانو ويهارو ڪلاڪ ۽ ٻئي سال ۾ روزانو 15 ڪلاڪ تائين چوٿين سال 9 ڪلاڪ ننڊ بس آهي. ٻار کي روزانو سنان ڪرائجي. ڪاڌي بعد به سنان چڱو نه آهي. نيم گرم پاڻيءَ سان سنان ڪرائڻ بهتر آهي. ٻار جون اکيون، ڪن ۽ وات ڏينهن ۾ ٻه ٽي دفعا صاف ڪجن. ٻار کي آفيم ڏيئي ڪڏهن به ننڊ نه ڪرائجي. آفيم ٻار لاءِ وڏو خوفناڪ زهر آهي. ٻار کي رنگين ڪپڙا پائڻ نه گهرجن. پر هر وقت اڇا ۽ صاف ڪليل ڪپڙا پارائجن. تنگ ڪپڙن سبب ٻار جي چرپر ۾ اٽڪاءُ پوندو آهي. سندس بسترو هر وقت صاف هئڻ گهرجي.

روشنائيءَ ۽ اونداه جا اثر ماڻهن تي- جي ماڻهو اونداهيءَ ۾ گذارين ٿا سي نبل ۽ بدن ۾ ساوا نظر ايندا آهن ۽ سندن اکين جي ديد گهٽ هوندي آهي ۽ حياتي جو گهڻو عرصو بيمار گذارين ٿا. جيئن ته چوڻي آهي، ته ”جتي اونداهيءَ جو پير تتي کهڙو خير“ تنهن ڪري تندرست ۽ سگهاري رهڻ واسطي هميشه روشنائيءَ ۾ گذارجي.

جانورن تي- اڪثري ايئن ڏسڻ ۾ آيو آهي، ته ساڳي قسم جا جانور شهر جي جاين ۾ رهندڙ، جهنگ ۾ رهندڙ جانورن کان ڪمزور نظر اچن ٿا. تنهن جو سبب به اونداهي آهي، جو ميدانن کان جاين ۾ روشنائي گهٽ آهي، اونداهيءَ ۾ رهندڙ جانور يا پکي منجهيل ۽ موڳا ڏسڻ ۾ ايندا آهن، تنهن ڪري جيئن ماڻهن لاءِ روشنائي ضروري آهي، تيئن جانورن ۽ پکين لاءِ پڻ ضروري آهي.

وڻن ٻوٽن تي- جيڪڏهن ڪنهن ٻوٽي جي ڪونڊي اندر جاءِ ۾ رکبي ته، ٿورن ڏينهن ۾ ٻوٽي جو رنگ سائي مان ڦري زردو ٿي ويندو ۽ ڪن ڏينهن پڄاڻا ٻوٽو سڙي سڪي ناس ٿي ويندو، جيتوڻيڪ کيس پاڻي، مٽي ۽ ياڻ به ڏيندو رهجي. تنهن ڪري وڻن ٻوٽن جي جيئاپي جو مدار به روشنائيءَ تي آهي.

## ڀاڱو چوٿون

### ترت علاج

جيڪڏهن ڪا اوچتي بيماري ٿئي، يا ڪو زخم پهچي، تنهن لاءِ جيسين ڪو ڊاڪٽر يا حڪيم آڻجي تيسين جيڪو پنهنجو علاج ڪم آڻجي، تنهن کي چئجي ترت علاج.

ضرورت : 1- وقتي ڪنهن اوچتي ضرب يا رت وهڻ جهڙو حادثو ٿيندو آهي، تنهن لاءِ جيسين ڊاڪٽر يا حڪيم پهچي، تيسين مريض وڏي نقصان هيٺ اچي ويندو



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

آهي، ڪڏهن تہ مري بہ ويندو آهي، تنهن لاءِ ڪوشش وٺي بيماريءَ کي روڪڻ گهرجي، جيئن بيمار وڏي نقصان هيٺ نہ اچي وڃي.

2- ٻهڙاريءَ ۾ جتي حڪيم يا ڊاڪٽر ملڻ مشڪل آهي، اتي جيڪڏهن پنهنجو ترت علاج ڪم نہ آڻبو تہ وقتي بيمار جي مري وڃڻ جو امڪان ٿيندو.

ترت علاج واريون حالتون هيٺيون آهن:

جن ۾ ڪوشش وٺي بيماريءَ کي جهلڻ بلڪل ضروري آهي: (1) ضرب رسڻ (2) نانگ جو چڪ ۽ وڇونءَ جو ڏنگ (3) سڙي پوڻ (4) زهر کائڻ (5) ٻڏڻ.

## ضرب رسڻ

جڏهن ڪا ضرب رسي ٿي، تڏهن گهڻو ڪري هيٺيون حالتون ٿين ٿيون (1) سوڄ ۽ رت ڄمي وڃڻ (2) رت وهڻ (3) هڏو ڀڄڻ (4) هڏو سنڌ وٽان ترڪي پوڻ (5) مڙي پوڻ (6) بيهوشي.

سوڄ ۽ رت ڄمي پوڻ- هن حالت ۾ چمڙي سالم حالت ۾ هوندي آهي ۽ هڏي کي بہ نقصان ڪو نہ پهچندو آهي، رڳو ماس (رڳن) ۾ اندر شريانيون يا نسون ڦاٽي پونديون آجهن، جن مان رت نڪرندو آهي جو ٻاهر نہ نڪرڻ سبب ڄمي پوندو آهي ۽ اهو هنڌ ڪارو ٿي پوندو آهي، اتي ڳوڙهو ٿي پوندو آهي، جيئن لٺ لڳڻ يا بال لڳڻ ڪري ٿيندو آهي، هن جو يڪدم علاج نہ ڪبو تہ اتي ڦٽ ٿي پوندو.

علاج :- (1) ان تي ٻهريائين ٿڌو پاڻي يا برف رکجي، تہ اندريون رت وهڻ بند ٿئي (2) ان کان پوءِ هنڌ ۽ ماڪي لائجي (3) ٿورو ٿورو گرم ڪندو رهجي، تہ سوڄ ڍري ٿيندي ۽ سور ڇڏيندو ويندو (4) ان کان پوءِ تيل يا وئزلين سان ٻٽي ڏينهن مالش ڪجي، تہ رڳون نرم ٿينديون ويندو سور ۽ سوڄ ٻئي ڇڏي ويندا آهن.

رت وهڻ :- رت ٻن نمونن سان نڪري ٿي 1- ڌڪ لڳڻ سان مثلا ڪوڏر، ڪهاڙي، خنجر، ڪارائي، ڪپ يا ڪو ٻيو اوزار لڳڻ يا رهڙ اچڻ يا چيت يا ڪنڊي جي لڳڻ سان.

2- بدن ۾ حرارت وڌڻ سان مثلا نڪهير ۽ ڪانگهاري ۾ رت اچڻ.

ڦٽ مان رت ٻن قسمن جو وهندو آهي:

1- شريانين مان جو دل مان نڪري بدن ڏانهن ويندو آهي جو ڳاڙهو ٿيندو آهي

2- نسن مان جو بدن مان موٽي دل ڏانهن ويندو آهي ۽ اهو ڪاريرو ٿيندو آهي. رت کي گهڻو وهڻ کان روڪڻ نهايت ئي ضروري آهي نہ تہ ماڻهو هيڻو ٿيندو ويندو ۽ آخر بيهوش ٿي ويندو.

رت بند ڪرڻ جا اپاءَ :- 1- زخم ڌوئي صفا ڪري چمڙي اصولوڪيءَ جاءِ تي رکجي 2- ان هنڌ ٿڌو پاڻي يا برف رکجي چو تہ ٿڌ اڻ رت واهڻ کي سسائي رت بند


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڪندي آهي. 3- جيسين پٽي وغيره تيار ٿئي، تيسين زخم کي آڱرين وغيره سان دٻجي جيئن رت گهٽي نہ وڃي 4- ٽنگ يا ٻانهن جهڙو عضوو هجي تہ ان کي مٿي ڪري جهلجي ڇو تہ رت مٿانهينءَ تي چڙهي نہ سگهندو آهي، جنهن ڪري نہ وهندو آهي 5- ڦٽ تي ڦٽڪي جو ٻورو ٻرڪجي 6- پئسو يا ڪا ٻي لسي چپٽي جا زخم جي منهن تي پوري اچي ان جي هيٺان نرم گدي ڏيئي زخم تي رکي زور سان ٻڌجي 7- رت جيڪڏهن شريانين مان وهندو هجي، تہ زخم ۽ دل جي وچ ۾ پٽي زور سان ٻڌجي، جي نس مان وهندو هجي، تہ زخم جي مخالف پاسي زور سان ٻڌجي، تہ رت گهٽو نہ وهندو 8- جڏهن رت بند ٿي وڃي، تڏهن ڦٽ جي باقاعدي ملم پٽي ڪجي.

## پٽي ٻڌڻ

پٽي ٻڌڻ جي مراد اها آهي، تہ ڦٽ تي زور اچي ۽ رت نہ وهي ۽ ڦهو پوريءَ جاءِ تان سرڪي نہ وڃي، ان لاءِ پٽي هيٺئين نموني ۾ تيار ڪري ٻڌجي.

ترڪيب :- ڊگهي پٽي ڪٽي ان جو ويڙهو ٺاهجي جي ٿهيل پٽي ملي نہ سگهي، تہ ڊگهو ڪپڙو ڪٽي تهہ ڪري ان جي پٽي ٺاهي ويڙهو تيار ڪجي. پوءِ هڪ هٿ ۾ اهو ويڙهو جهلي ٻئي هٿ سان ويڙهيندو وڃجي ۽ ڏسجي تہ هر هڪ تهہ اڳئين تهہ جي ڪجهہ مٿان چڙهندو وڃي ٿو ۽ هر هڪ وراڪي ڪان پوءِ پٽيءَ کي اٿلائي ابتو ڪندو وڃجي تہ وراڪو مضبوط ٿيندو ويندو ۽ عضوو جيڪڏهن سنهو هوندو تہ بہ پٽي ڍلي نہ ٿيندي. پڇاڙيءَ ۾ پٽي پوري ڪري ڳنڍ ڏيڻ بدران ٿي سگهي تہ سيفٽي پن يا ٽاچنيءَ سان ڳنڍي ڇڏجي، اها ٽاچني اهڙي هجي جو ان جي چهنب چيندڙ نہ هجي.

## ڪپ وغيره سان آڱر کي چير اچڻ

هن حالت ۾ 1- آڱر مٿي ايو ڪري جهلجي 2- چير تي آڱوٺي جو زور ڏيئي جهلجي رت وهڻ نہ ڏجي 3- ان ڪان پوءِ پٽي پاٽيءَ ۾ پسائي ٻڌڻ گهرجي 4- ان ڪان وقت بہ وقت پاٽيءَ جي لاٽ وجهي آلو ڪندو رهجي، نيٺ رت بہ بند ٿي ويندو ۽ آهستي آهستي سور بہ ڇڏيندو ويندو ۽ زخم بہ پاڻ مرادو ڇٽي ويندو، جيسين سور صفا لهي وڃي تيسين هر هر ڪيس پسائجي.

رهڙ اچڻ:- جيڪڏهن رڳو رهڙ اچي ۽ رت نہ نڪري تہ بہ چار دفعا پڪ لڳائڻ سان فرحت ٿي ويندي.

چيت يا ڪندو لڳڻ :- 1- چيت يا ڪندو زور سان ڇڪي ڪيجي، جيڪڏهن نہ نڪري سگهي يا مٿان اڌ مان ڀڃي پوي ۽ اڌ ماس ۾ رهجي وڃي، تہ ڪيس 24 ڪلاڪ ڇڏي ڏجي ۽ پاٽيءَ ۾ پسائيندو رهجيس، 24 ڪلاڪن بعد ڪڙ رڌي ٻڌجي تہ ٽن چئن ڪلاڪن ۾ ڪندو پاڻمرادو نڪري ويندو ۽ سور بہ لهي ويندو 2- پوءِ ڪن جي مر ڪيڏي زخم کي لائي ڇڏجي تہ فرحت ٿي ويندي.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

نڪهير- جڏهن نڪهير اچي ٿي تہ يڪدم هيٺيان علاج ڪم آڻي رت بند ڪجي:-

1- مٿو مٿي جهلي ٻئي هٿ مٿي ڪٽي مٿي جي پنيان ڪنهن مددگار کي جهلڻ لاءِ ڏجن 2- تارونءَ تي برف رکجي، يا ٿڌي پاڻيءَ جي لاٽ ڪري وجهجي ۽ ٿڌي پاڻيءَ ۾ ڪپڙو پسائي تارونءَ تي رکجي 3- بيمار کي اهو وقت ساهہ وات مان کڻڻ گهرجي 4- بيمار جا پير گرم پاڻيءَ ۾ رکجن 5- صفا ڪپڙي مان پوپا ٺاهي ٻنهي ناسن ۾ ڏجن ۽ رت بند ٿيڻ شرط اهي ڪڍي ناسون ڌوئي صفا ڪري ڇڏجن.

ڪانگهاري ۾ رت اچڻ:- هي گهٽو ڪري گرميءَ جي عنبي تان يا تکي ڏينهن جي مهٽ ۾ ايندو آهي، ان لاءِ هيٺيان علاج ڪم آڻجن:

1- مريض جا ڪپڙا لاهي يا ڍرا ڪري ڪيس ٿڌيءَ جاءِ ۾ سمهارجي 2- مريض کي سمهاري مٿو مٿيرو ڪجي 3- برف يا ٿڌو پاڻي، ڇاتيءَ، مٿي، ڳچيءَ ۽ پٺيءَ تي لائجي تہ اهي ٿڌا رهن 4- وات ۾ برف ذرو رکجي ۽ ان جي ڳار ڍڪ ڪري پيئندو رهجي.

## هڏو ڀڄڻ

نشانيون :- 1- سور، سوج ۽ عضوي جو نندو ٿيڻ 2- چرڻ پرڻ جي طاقت بلڪل نہ ٿئي 3- ڀڳل هڏي جون پچڙيون پيئون ڪڙڪڙ ڪنديون 4- بعضي پچاڙيون کل ڦاڙي ٻاهر نڪري پونديون آهن، جنهن ڪري رڳن ۾ اٽڪي پونديون آهن ۽ نسون ۽ شريانيون ڦاٽي پونديون آهن ۽ تمام دردي حالت ٿي پوندي آهي.

علاج- هڏي ڀڄڻ جو جيڪڏهن يڪدم علاج نہ ڪبو، تہ رڳون سسي وينديون ۽ هڏو سنئون ڪرڻ بلڪل مشڪل ٿي پوندو ۽ آخر ماڻهو لا علاج بہ ٿي پوندا آهن، تنهن ڪري جيسين ڊاڪٽر پهچي تيسين يڪدم هيٺئين نموني علاج ڪجي:-

1- جيڪڏهن رت وهندو هجي، تہ پهريائين اهو بند ڪرڻ گهرجي 2- ڪپڙو لاهڻو هجي، تہ اڊيڙي لاهجي، پر ڇڪي نہ لاهجي 3- جيسين علاج پورو ٿئي تيسين بيمار کي سمهاري ڇڏجي اٿڻ نہ ڏجي 4- ڀڳل هنڌ کي هڪ هٿ مٿان ٻيو هيٺان وجهي سهنديءَ آهر آهستي آهستي ڇڪي سنئون ڪجي 5- هڏي کي سنئين ڪرڻ کان پوءِ هٿ يڪدم نہ ڇڏجي، ڇو تہ وري ڦير پئجي ويندو، تنهن ڪري ٻئي ماڻهو جي مدد سان ان عضوي سان ڪا ڪاني يا لڪڻ يا سيخ لڳائي ڀڳل هنڌ جي هيٺيان خواهہ مٿان ٻن ٽن هنڌان پٽي ٻڌي پوءِ هٿ ڇڏجي 6- ان کان پوءِ چوڏاري چپڙيون ڏيئي پٽي ٻڌي ڇڏجي. جيئن شڪل ۾ ڏسو تا پوءِ ان عضوي کي ٿڌاڻ پهچائجي ۽ چپڙن هيٺان نرم گدي ٺاهي ڏجي 7- جيڪڏهن پٺيءَ يا وهڪ يا سٿر جو هڏو ڀڳل هجي تہ بيمار کي اٿڻ اصل نہ ڏجي مگر جي ٻانهن جو هڏو ڀڳل هجي تہ واڳ پٽي ۾ ٻڌي ڇڏجي (جيئن


www.sindhsalamat.com
سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

شڪل ۾ ڏسو تا) جيسين هڏو ڳنڍجي وڃي 8- ان ڪان پوءِ تيل وغيره سان وقت به وقت مالش ڪري سنئون ڪجي 9- جي ڪڏهن بيمار ڪي صدمون رسيو هجي، ته ڪيس گرم رکجي 10- جيڪڏهن ڪنهن بيمار ڪي ڪنهن هنڌ ڪٽي وڃٽو هجي، ته لوئي يا فراسي يا ٻيو مضبوط ڪپڙو مضبوط ڪائين ۾ ٻڌي ڏوليءَ وانگر ٽاهي ڪٽي وڃجي.

## هڏو سنڌ وٽان ٽڙڪي پوڻ

بعضي هڏو پڇڻ بدران سنڌ وٽان ٽڙڪي ويندو آهي، جنهن ڪري هيٺيون عضوو پيرو لڙڪندو آهي، ان حالت ۾ بدن جو اهو ڀاڱو بلڪل ڪمزور ٿي پوندو آهي، سندس شڪل بدلجي ويندي آهي ۽ سڄي پوندو آهي ۽ سور به پيو ڪندو آهي.

علاج- 1- نڪتل هڏي جا سنڌ چڱيءَ طرح ملائي انهن ڪي ٽانئيڪو رکجي 2- ان ڪي چيڙن جي وچ ۾ رکي ٿڌي پاڻيءَ جي پٽي ٻڌجي ۽ برف وغيره جي ٽاڪل ڏيندو رهجي، ته جيئن سنڌ ڳنڍجي وڃي 3- ان ڪان پوءِ ميٽ پسائي ان ۾ پٽي پسائي اها ويڙهڻ گهرجي.

## سَنڌ مڙي پوڻ

بعضي هڏو پڇڻ ۽ نڪرڻ بدران مڙي پوندو آهي، ان حالت ۾ ڪوسي پاڻيءَ جي ٽاڪور يا ڪنهن تيل جي مالش ڪجي، يا هئڊ ۽ تيل گڏي مالش ڪري لوئي يا ڪٽو گرم ڪري ان ۾ اهو هنڌ ويڙهجي، ته پگهرجي سنئون ٿي پوندو.

## بيهوشي

گهٽي رت وهڻ يا ڪمزوريءَ سبب ماڻهو بيهوش ٿي ويندو آهي، ان لاءِ هيٺيون ترت علاج ڪرڻ گهرجن:

1- رت وهندو هجي، ته ان ڪي بند ڪرڻ گهرجي 2- بيمار ڪي ستو سمهاري، ان جي بدن جا ڪپڙا ڍرا ڪجن 3- بت ڪي گرم رکڻ لاءِ هر ڪا ڪوشش ڪجي ۽ بيمار جا هٿ پير مهٽڻ گهرجن 4- هوا چوت اچڻ ڏجي ۽ گوڙ ڪرڻ نه ڏجي 5- جي بيمار ڪي ڏندڻ پيا هجن، ته نڪ ٻوساتي اهي پيڻ گهرجن 6- سخت بيهوشيءَ جي حالت ۾ ائمونيا سنگهائجي، جڏهن سجاڳ ٿئي، تڏهن چانهه پيارجي 7- بيمار جو مٿو بدن کان هيٺ پرو ڪجي، ته رت جو دورو مغز ڏانهن وڃي ۽ منهن تي ٿڌي پاڻيءَ جا چنڊا هڻجن 8- مغز ڪي ڌڪ آيل هجي، ته ان تي برف رکجي ۽ ڄنگهن ڪي مالش ۽ ٽاڪور ڪجي 9- مرگهيءَ جي حالت ۾ ڪپڙا ڍرا ڪجن ۽ بدن ڪي نقصان پهچائڻ نه ڏجي.

## نانگ جو ڏنگ ۽ وڇونءَ جو ڏنگ


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

نانگ جو چڪ- اسان جي ملڪ جا هزارين ماڻهو نانگ جي چڪ ۾ پوري علاج نہ ڪرڻ ڪري مرن ٿا. نانگ کي وات ۾ ٻہ ڊگها ۽ مڙيل ڏند ٿين ٿا، جي اندر وريل ٿين ٿا. انهن ڏندن جي پاڙ ۾ زهر جون ڳوٿريون هونديون آهن، جڏهن اهي پرجن ٿيون، تڏهن نانگ کي خارش ٿئي ٿي، جنهن ڪري زهر هارڻ لاءِ ماس جهڙيءَ نرم شيءِ جي ڳولا ڪندو آهي. پوءِ ماڻهو يا جانور جيڪو ڏسندو آهي، ان کي چڪ هڻي، منڍي ڦيرائي ابتو ٿي زهر هاريندو آهي. زهر بعضي رت سان ملي، دل ڏانهن ويندو آهي، بعضي تنتن مان رستو ڪري مغز ڏانهن ويندو آهي. جڏهن دل ڏانهن ويندو آهي، تڏهن ماڻهوءَ کي رت جون الٽيون ٿينديون آهن. پر جي زهر جو اثر مغز ۾ ويندو آهي، تہ ماڻهوءَ کي بيهوشي ٿيندي آهي ۽ وات مان گجي پيئي وهندي آهي.

علاج- (1) جنهن وقت نانگ چڪ هڻي، ان وقت جيڪڏهن ڪيس اچلائي ڦٽو ڪبو تہ زهر وجي ٻاهر پوندو ۽ رت ۾ گڏجي نہ ويندو (2) چڪ پائڻ شرط ڦٽ ۾ تمام زرو سان چڪي پٽي ٻڌجي، جيئن زهر دل يا مغز ڏانهن نہ وڃي (3) پوءِ چڪ جي هنڌ تي سئي هٽائي رت ڪڍائجي، يا زخم کي (زور سان پٽي ٻڌڻ جو نمونو) ڪپ سان چهڪ ڏيئي، رت وهائڻ گهرجي (4) زخم کي تتل لوهہ جي شيخ يا تيزاب سان ساڙجي (5) چڪ واري هنڌ کي ڪو ماڻهو ويهي چوسي، پر چوسيندڙ کي وات مان رت ويندڙ نہ هجي، يا وات ۾ ڦٽ ڦرڙي نہ هجيس (6) پوءِ زخم کي ٻاهہ جي ويجهو ايترو ڪجي، جيترو ان جو توءُ سهي سگهجي، ائين ڪرڻ سان زهر زخم ڏانهن موٽ ڪائيندو ۽ اثر ٻاهر نڪرندو ويندو (7)بيمار کي چٽي جيتري ڪن جي مر ڪارائجي (8) بيمار کي ننڊ ڪرڻ نہ ڏجي (9) ڪيس گيهہ پيارڻ ۽ ڪچا بصر ڪارائڻ فائديمند آهن (10) جيڪڏهن بيمار جي دل هاربي هجي، تہ براندي‌ءَ ۾ تورو وزن پيارجي (11) بيمار جو بت هميشہ گرم رکجي.

وڇونءَ جو ڏنگ- وڇون انڌو ٿئي ٿو ۽ ڪيس ڏينيوءَ وانگر پڇڙيءَ ۾ زهر ٿيندو آهي. گهمندي جيڪا شيءِ سندس اڳيان ايندي آهي، ان کي ڏنگ هڻندو ويندو آهي، سندس ڏنگ اهڙو خوفناڪ ۽ ساڙيندڙ آهي، جو 24 ڪلاڪ آرام ڪرڻ نہ ڏيندو آهي.

علاج- (1) ڏنگ لڳڻ شرط ڏنگ کان تورو متيرڙو ڌاڳو چڪي ٻڌجي (2) وڇون ماري ان جو ڏنگ وڍي ڦٽو ڪجي، باقي وڇون ڪٽي ڏنگيل هنڌ تي مهٽجي، تہ فائدو ٿيندو (3) تيل يا اسپرٽ ۾ وڇون ماري رکي ڇڏجي، پوءِ جڏهن ڪو وڇون ڏنگ هڻي تہ ان هنڌ اهو تيل يا اسپرٽ لڳائڻ گهرجي (4) ڏانگ وارو هنڌ ٻاهہ جي ويجهو ايترو نجي جيئن توءُ سهي سگهجي، ايئن ڪرڻ سان سور جي سوٽ دل جي پاسي کان ڦري زخم ڏانهن ايندي ۽ نيٺ زخم وٽان بہ سور هليو ويندو، پوءِ ان کي ڪپڙو ٻڌي ڇڏجي جيئن ڪيس ٿڌي هوا نہ لڳي، ايئن ڪرڻ سان جلد آرام ايندو (5)



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڏنگيل هنڌ تي سڙيل وچونءَ جي خاڪ لڳائجي (6) ڪچو بصر به اڌ ڪري اندريون پاڳو زخم تي مهٽجي (7) ناس يا تماڪ مهٽڻ به فائديمند آهي. (8) چانديءَ جي پياني ڪوسي ڪري پڌڻ سان به فائدو ٿيندو آهي.

## سڙي پوڻ

سڙي پوڻ ٻن قسمن سان ٿئي ٿو: (1) ڪوسي پاڻي پوڻ سان (2) باهه لڳڻ سان. ٻنهي حالتن ۾ وقتي بلڪل ڏهڪائيندڙ حالت ٿيندي آهي. باهه لڳڻ وقت هوش اهڙو بتال ٿي ويندو آهي، جو بچاءُ جي ڪا به سمجهه نه پوندي آهي، مگر هن حالت ۾ ڌيرج ڌاري عقل کان ڪم وٺجي ۽ جهڙي حالت ڏسجي تهڙو علاج ڪجي.

### الف – ٽهڪندڙ پاڻي پوڻ جي حالت ۾:

(1) جيڪڏهن ٿورو ايذاءُ رسيو هجي ۽ ڦوڦيندو نه ٿيو هجي، ته تيل يا گيهه مکي ٿورو باهه جو سهائيندڙ سيڪ ڏجي، ته فائدو ٿيندو (2) جيڪڏهن سخت نقصان ٿيو هجي ۽ ڦوڪٽا ٿيا هجن، ته خبرداري ڪجي، جيئن ڦوڪٽا ڦسي نه پون (3) بدن تان ڪپڙو لاهڻو هجي، ته ٽوپو اڊيري يا ڪتري ٽڪر ٽڪر ڪري لاهجي، جي ڪو ٽڪر چنبڙي ته ان کي ڇڏي، ٻيو سمورو ڪتري لاهجي، پوءِ ان رهيل ٽڪر کي مکڻ يا مٺو تيل وغيره مکجي ته سولائيءَ سان لهندو (4) ڪل لهي پئي هجي ته ان کي اگهاڙو بلڪل نه ڪجي ۽ ڪپهه يا ڪنب جهڙيءَ نرم شيءِ کي مکڻ مکجي ۽ ململ جو ڪپڙو سٽيو ڪري ڦٽ کي ڍڪي ڇڏجي.

(ب) باهه لڳڻ- هن حالت ۾ ماڻهوءَ کي هوش هٿان وڃائڻ نه گهرجي. جيڪڏهن رهڻ جي جاءِ کي چوڌاري باهه ويڙهي وجي ته ڌيرج ڌاري جلد نڪرڻ جو اپاءُ ڪجي، مگر جي سيبيئي پاتي وائڙا ٿي هيڏانهن هوڏانهن اندر پيا ڊوڙندا، ته باهه خوفناڪ ٿيندي ويندي ۽ نڪرڻ مشڪل ٿي پوندو. تنهنڪري يڪدم لوئيءَ يا فراسيءَ جهڙو ٿلهو ڪپڙو پاڻيءَ ۾ آلو ڪري ويڙهي باهه منجهان ٽپو ڏيئي ٻاهر نڪري اچجي ۽ يڪدم اهو ڪپڙو لاهي ڦٽو ڪجي، جيئن بدن جي ڪپڙن کي باهه نه لڳي. جي بدن تي پيل ڪپڙن کي باهه لڳي ته هيڏي هوڏي ڊوڙجي اصل نه. چو ته ائين ڪرڻ سان پاڻ ڪپڙن کي باهه وچڙندي ويندي، مگر هڪدم سمهي پئجي يا ليٽڙيون پائجن، ائين ڪرڻ سان باهه نه وچڙندي. جي پنيءَ جي پاسي کان لڳي، ته منهن ڀر سمهڻ گهرجي، ته باهه منهن ڏانهن نه ايندي. جي اڳيان باهه لڳي ته پنيءَ ڀر سمهڻ گهرجي، چو ته باهه جو رخ هميشه مٿي ٿيندو آهي، جنهنڪري هيٺ پنيءَ ڏانهن باهه نه ويندي. ان کان پوءِ سوڙ يا ٻيو مضبوط ڪپڙو مٿان وجهجي ته باهه ٻوساٽجي وسامي ويندي. مٿي پرسان هجي ته اها وجهي باهه وسائڻ گهرجي ٻيءَ صورت ۾ پاڻي وجهي وسائجي. ان کان پوءِ


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ پاڳي پائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

هينيان علاج ڪجن.

علاج- (1) ڦٽن ٽيڻ جي حالت ۾ ڪپڙو ڇڪي نہ لاهجي پر ٽوپو اڊيڙي لاهجي، جي ڪنهن ڦٽ کي ڪپڙو لڳي پوي تہ ڪتري لاهجي ۽ ڦٽ کي لڳل ڪپڙو ڇڏي ڏجي. (2) جنهن هنڌان ڪل لهي ويئي هجي سو هنڌ اگهاڙو نہ ڪجي. (3) ڦٽن ۽ ڦوڪٽن تي مکڻ ۽ وئزلين نرم شيءِ سان لائجي. (4) سڙيل ماڻهوءَ جو بت گرم رکجي. (5) کيس گرم کير، چانهہ، ڪافي يا برانڊي پيارڻ گهرجي. (6) جي ماڻهو ڪپڙو سهي نہ سگهي تہ آرام ڪرسيءَ تي نرم بسترو ڻاهي، ان تي سمهاري پاسن کان گرم پاڻيءَ جا شيشا رکي سندس بدن کي گرمي پهچائجي ۽ سندس بدن اصل ٺرڻ نہ ڏجي، ڇو تہ بدن ٺرڻ جي حالت ۾ موت ٿيڻ جو امڪان آهي.

## زهر کائڻ

زهر گهڻن قسمن جا آهن، جن مان کي ساڙيندڙ آهن، جي وات ۽ نڙيءَ ۾ ڦٽ ڪندڙ آهن. جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ زهر کاڌو هجي، تہ يڪدم ڊاڪٽر گهرائجي، جيسين ڊاڪٽر اچي تيسين هيٺين ڳالهين تي ڌيان ڏيڻ ضروري آهي:-

(1) جيڪو بيمار جو شڪ جهڙو کاڌو هجي، سو ڊاڪٽر جي ڏسڻ لاءِ رکي ڇڏجي. (2) بيمار کي يڪدم قيءِ يا الٽي ڪرائجي، اها قيءِ بہ ڪنهن ٿانوءَ ۾ ڊاڪٽر جي ڏسڻ لاءِ رکجي. قيءِ ڪرائڻ جو سنئو اپاءُ هي آهي تہ هٿ جي آڱر يا ڪنبي وات ۾ وجهي، اندر نڙيءَ ۾ ڪت ڪت ڪجي، يا گرم پاڻيءَ ۾ لوڻ وجهي گڏ پيارجي، تہ يڪدم قيءِ ايندي. (3) بيمار کو ساڙيندڙ زهر ورتو هجي ۽ ڏسجي تہ سندس چپ يا ڪي هنڌ سڙيل آهن، تہ الٽي نہ ڪرائجي. (4) جي گلو سڄي پوي تہ گرم لپري ڻاهي، ڳچيءَ جي چوڌاري ٻڌجي ۽ ٿڌو پاڻي ڍڪ ڍڪ ڪري پيارجي. (5) جي زهر کاڌل ماڻهو کي گهيرت اچڻ جو رخ ڏسجي، تہ هوشيار ڪجيس منهن تي ڇنڊا هڻي، يا ايذاءُ ڏئي ڪيئن بہ سجاڳ ڪجيس. (6) کيس چانهہ پيارجي. (7) سندس بت لوين سان ويڙهڻ يا گرم پاڻيءَ جي شيشين رکڻ سان گرم ڪجي. (8) جيڪڏهن زهر جي خبر پوي تہ پوءِ جهڙو زهر هجي تهڙو اپاءُ ڪندو رهجي. مثلاً:

(1) تيزاب- پيتل هجي تہ هلڪي ائڪلي (ڪار) ڇدي ڪري پيارجي يا کير ۾ چاڪ يا چن گڏي پيارجي.

(2) الڪلي- پيتل هجي تہ هلڪو تيزاب يا ليمي جي رس پيارجي.

(3) زهريءَ گئس- جي حالت ۾ ڪليل هوا ۾ وهارجي.

(4) آفيم- جي حالت ۾ ننڊ ڪرڻ نہ ڏجي، قيءِ ڪرائجي ۽ منهن تي ٿڌي پاڻيءَ جا ڇنڊا وجهجن.

(5) شراب- هن ۾ رڳو قيءِ ڪرائڻ بس آهي.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

(6) سينورايل شيون- هن ۾ قيءِ ڪرائي هيرڻ جو تيل پيارجي.
(7) سنڪيه- هن ۾ گيهه پيارجي يا کير ۾ چن ملائي ڏجي.

## ٻڏڻ

جيڪڏهن ڪو ماڻهو اڻتارو هجي، ته ان کي گهرجي ته وڏا ساهه کڻي ڦڦڙن کي هوا سان ڦوڪي ۽ هٿ ٻاهر اصل نه ڪڍي، ته سندس ٻڏڻ کان بچاءُ ٿي پوندو. ٻڏل ماڻهوءَ کي ڦڦڙن ۾ پاڻي پئجي ويندو آهي، جنهن ڪري ڦڦڙ رت صاف ڪرڻ جو ڪم ڪري نه سگهندا آهن، جنهن ڪري رت جو دورو بيهجي ويندو آهي ۽ ماڻهو مئل سمجهبو آهي. جيڪڏهن ڪو ٻڏل ماڻهو هٿ اچي ته يڪدم ان جو هيٺئين نموني علاج ڪري هترادو ساهه کڻائجي، جي 3-4 ڪلاڪن کان وڌيڪ پيل هوندو ته اهو ماڻهو جيئرو مشڪل رهي سگهندو.

علاج- (1) ٻڏل ماڻهوءَ کي ڄنگهن کان وٺي مٿي ڪري مٿو هيٺ لڙڪائي وٺي ڌونڌارجيس، ته ڦڦڙن وارو پاڻي وات کان نڪري اچيس. (2) ٻڏل ماڻهوءَ کي اونڌو ڪري سندس چيلهه ڪلهي تي رکي مٿو ۽ ڄنگهون هيٺ لڙڪائي وٺي ڊوڙون پائجن، ته ڇاڇولجي ان جو پاڻي نڪري ايندو. (3) آلا ڪپڙا لاهي ڪيس هلڪي ڪپڙي سان ڍڪجي. (4) ڪيس پيٽ ڀر سمهاري ڪپڙو تهه ڪري گديءَ وانگر ٺاهي پيٽ هيٺان ڏجيس.

## هترادو ساهه کڻائڻ

(1) بيمار کان وات مان ڪک ڪچرو ڪڍي، صفا ڪجي ۽ زبان ٻاهر ڪڍي ڇڏجيس ته هوا اندر سولي وڃي، پوءِ سندس منهن پاسيرو ڪري رکجي. (2) پوءِ پٺيءَ جي ڪنڌي جي ٻنهي پاسي پاسرين هيٺيان هٿ، کي زور ڏجي ته ڦڦڙن مان پاڻي نڪري هوا منجهن وڃي. (3) بيمار جا هٿ وٺي لونڊڙين تائين آٽي وري ڇاتيءَ وٽ موٽائي دٻائجن، ٻن ٽن سيڪنڊن کان پوءِ ائين ڪندو رهجي ته ڦڦڙن ۾ هوا ايندي به پيئي ۽ نڪرندو به پيئي، ائين هترادو ساهه کڄندو رهندو. ان سان گڏ ڪنهن ڪنيءَ سان ڪڙيءَ ۾ ڪت ڪت به ڪندو رهجي، ته ساهه کڻڻ ۾ مدد ملندي، وقتي ٽن چئن ڪلاڪن جي ڪوشش کان پوءِ به ماڻهو جيئرا ٿيا آهن، تنهن ڪري 3-4 ڪلاڪ سانڌهه اهڙيءَ طرح ساهه کڻائڻ جي ڪوشش ضرور ڪجي. (4) جڏهن بيمار ساهه کڻڻ شروع ڪري تڏهن ان جا هٿ، پير ٽنگون ٻانهون زور سان دل جي پاسي مهٽجن ته رت جي دوري کي مدد ملي.

## مريض کي گرم رکڻ



سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

باٿلين ۾ گرم پاڻي وجهي ٽنگن، پاسن، پيٽ ۽ ڇاتيءَ تي گهمائي گرم ڪرڻ گهرجن تہ وري بدن ۾ ذاتي گرمي پيدا ٿئي ۽ رت جو دورو تڪڙو ٿئي. جڏهن بيمار سامت ۾ اچي تڏهن ان کي گرم پاڻي، چانهہ يا براندي تمام ٿورو ٿورو ڪري پيارجي ۽ ڪيس اونيءَ لوئيءَ ۾ گرم رکجي.

نوٽ- هيٺين حالتن ۾ بہ هتراڌو ساهہ ڪٽائڻ مفيد آهي:- (1) گهوگهي اچڻ يا ٻوساٽجڻ جي حالت ۾ (2) نئون ڄاول ٻار جي ساهہ نہ کڻندو هجي (3) زهر پيتل کي (4) دونهي يا ٻيءَ زهري گئس ۾ ٻوساٽيل کي.

## چتي ڪتي جي چڪ جو علاج

جڏهن چتو ڪتو يا ٻيو ڪو چتو جانور ٻئي ڪنهن چڱي ڀلي ڪتي يا جانور کي چڪ پائي ٿو، تڏهن اهو بہ چتو ٿي پوي ٿو. ڇا ڪاڻ تہ چتائيءَ جا جيوڙا مغز ۾ پيدا ٿين ٿا ۽ اتان چڪ ۾ گڏجي وڃن ٿا. چڪ پائڻ سان پڪ چمڙيءَ تي لڳي ٿي ۽ ان پڪ سان چتاڻ جا جيوڙا اندر بدن ۾ داخل ٿين ٿا، جنهن ڪري اهو جانور بہ چتو ٿي پوي ٿو. اهڙيءَ ريت چتا ڪتا ۽ چتا جانور وڌن ٿا، تنهن ڪري جڏهن ڪو بہ چتو جانور نظر اچي، تڏهن ان کي ناس ڪرڻ جو جتن ڪجي. ماڻهوءَ کي هيءُ مرض چتي ڪتي جي چڪ پائڻ سان ٿئي ٿو، بعضي ڪنهن چتي ڪتي يا چتي جانور جي پڪ لڳڻ سان بہ ٿي پوي ٿو. تنهن لاءِ اها خبرداري رکجي، تہ جيڪڏهن ڪو بہ جانور ڪنهن عضوي کي چتي وجهي، تہ ان عضوي کي بر وقت گرم پاڻيءَ ۽ صابڻ سان صاف ڪجي ۽ جيڪڏهن شڪ پوي تہ چڪيندڙ جانور چتو آهي تہ چمڙيءَ تي بروقت تيزاب لائجي، تہ جيئن مرض جا جيوڙا ناس ٿي وڃن.

چتي ڪتي جون هيٺيون نشانيون آهن:-

(1) ڪتي کي بي آرامي ٿيندي آهي، جنهن ڪري هيڏانهن هوڏانهن تڪڙو پيو ڀڄندو آهي.

(2) ڪتي کي تپ ٿئي ٿو، جنهن ۾ سندس نبض تڪڙي هلندي آهي.

(3) پڪ گهٽي تي پويس ٿي.

(4) نرڙ ۾ گهنج پئجي ويندا اٿس ۽ چپر اندران ڳاڙها ٿي پوندا اٿس.

(5) ڪتي کي ڪجهہ وقت بعد ارڌان؟ ٿي پوندو آهي، جو پوين ٽنگن ۾ شروع ٿئي ٿو، جنهن ڪري ڪتو ڏڏندو هلندو آهي.

(6) ڪتي جي نڙي گهگهي، گهٽيل ٿي پوندي آهي، جنهن ڪري سندس آواز مٽجي ويندو آهي.

(7) ڪتي جو بت هوريان هوريان سڪندو ويندو آهي ۽ آخر مري ويندو آهي.

(8) جيڪڏهن رولو ڪتو چتو ٿيندو آهي، تہ شوخ ٿي پوندو آهي ۽ منهن سامهون


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

جيڪو ماڻهو يا جانور نظر ايندو اٿس، تنهن کي چڪ پائيندو ويندو آهي، مگر گهرو پاليل ڪتي کي جيڪڏهن چتائيءَ جي بيماري ٿئي ٿي، ته هو نماڻو ٿيندو ويندو آهي ۽ ڪنهن ماڻهوءَ کي چڪ ڪين پائيندو، مگر ٻين ٽپڙن کي پيو چڪ وجهندو آهي.

علاج- جڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي چتو ڪتو يا چتو جانور چڪ پائي، ته ان جا بروقت هيٺيان علاج ڪجن :-

(1) دل ۽ زخم جي وچ تي پٽي زور سان ٻڌي ڇڏجي.

(2) چڪ واري هنڌ کي صاف اگهي ڪاربونڪ تيزاب سان ڌوئجي.

(3) ڪنهن هوشيار ڊاڪٽر کان پيٽ جي ٻنهي پاسي ڪاربونڪ تيزاب سان ٽڪا ڏيارجن، جيڪڏهن ٽڪن جي جاءِ تي ڳاڙهاڻ نظر اچي ته گرم ٽاڪور ڪرائجي، ٽڪا چوڏهين چوڏهين ڏينهن ڏيارڻ گهرجن، يا هوشيار ڊاڪٽر کان سيون هڻائجن.

(4) شراب پيئڻ نه گهرجي، انهيءَ ڪري تيزاب جو اثر گهٽجي وڃي ٿو.

(5) بيمار کي ٿڌ کان بچائجي ۽ کيس گرم ڪپڙا پائڻ گهرجن.

(6) جيڪڏهن بيماري وڌڻ جو امڪان ڏسجي ته هڪدم ڪسوليءَ جي اسپتال ۾ بيمار جو علاج ڪرائجي. ڪسوليءَ جو شهر اتر هندستان ۾ آهي ۽ کيس ڪانڪا جي اسٽيشن ويجهي آهي.

(7) جيڪڏهن مريض کي ڪسوليءَ ۾ وڃي علاج ڪرائڻ جي وصيت ڪانه هجي، ته ان کي سرڪار مان سمورو ڀاڙو پيتو مڪاني عملدار کي درخواست ڪرڻ سان ملي سگهندو.

## ورنيڪيولر فائينل ۽ انگريزي چوٿين درجي جي امتحان جا سوال جوابن سميت سنه 1900 کان 1953 تائين

نوٽ- جي ساڳيا سوال ٻئي ڪنهن سوال جي پيپر ۾ وري آيل آهن، سي فقط هڪ دفعو وڏا ويا آهن.

1- رت جون غلاظتون بدن جي کهڙن ڀاڱن جي وسيلي ٻاهر نڪرن ٿيون ۽ ڪيئن؟

2- هيٺين ڳالهين مان فائدا ۽ نقصان لکو: ڪاڏي کان پوءِ پان، سوپاري ڪائڻ، رات جو منهن ڍڪي سمهڻ، اڃ مارڻ، صابڻ لائڻ، ڪبو تي ويهڻ، اونداهيءَ جاءِ ۾ رهڻ؟

3- چڱي ڪسرت ڇا کي چئجي ۽ سڀ کان سٺي ڪسرت ڪهڙي آهي؟

4- ائين چوڻ ۾ اچي ٿو ته تندرستي من جي صفائيءَ تي پڻ مدار رکي ٿي، اها ڳالهه چتائيءَ سان سمجهايو ۽ من کي صاف رکڻ لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟

5- اسان جي دل بدن ۾ ڪهڙي هنڌ آهي ۽ متس ڪهڙو ڪم رکيل آهي ۽ ڪهڙيءَ


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

طرح اهو ادا ڪري ٿي؟

6- ڪاڏو هضم ٿي رت جي صورت ۾ ڪيئن اچي ٿو؟

7- ڪنهن ڳوٺ ۾ دٻن جو پاڻي پيتو وڃي ٿو، ان مان تندرستيءَ کي ڪهڙا نقصان رسن ٿا ۽ انهيءَ حالت ۾ ڪهڙا اپاءُ ڪم آڻڻ گهرجن؟

8- فرصت جي وقت ۾ ڪهڙي وندر اختيار ڪجي، جو بدن کي فائدو پهچي ۽ چڱا لڇڻ بہ پرائجن؟

9- پليگ پوڻ جا ڪهڙا ڪارڻ آهن ۽ ان کي ٽارڻ لاءِ ڪهڙا علاج آهن؟

10- راند ڪندي ڪو ڇوڪرو مٿي پر ڪري پيو آهي ۽ بيهوش ٿي پيو آهي. ٻڌايو انهيءَ حالت ۾ ڇا ڪندا؟

11- ڪنهن ماڻهوءَ کي ڄنگهہ ۾ ڌڪ لڳو آهي ۽ رت پيو وهيس. ٻڌايو رت ڪيئن بند ڪندا؟

12- چڱيءَ طرح سمجهايو تہ هوا خراب ڪيئن ٿي ٿئي؟

13- گهر ڪهڙي هنڌ جوڙجي ۽ ڪهڙي هنڌ نہ جوڙجي؟

14- گهر ۾ هميشہ تازي هوا هجي تنهن لاءِ ڪهڙا اپاءُ ڪرڻ گهرجن؟

15- تپ نہ ٿئي تنهن لاءِ ڪهڙين ڳالهين تي ڌيان ڏيڻ گهرجي؟

16- هڏو نڪري پوي تہ ڇا ڪجي؟

17- ٻڏل ماڻهوءَ کي هوش ۾ آڻڻ لاءِ ڇا ڪجي؟

18- هڪ رهڻ جي ڪوٺيءَ ۾ ڪي ڪونڊيون رکيل آهن، چئو تہ ائين ڪرڻ مان ڪهڙا فائدا ۽ نقصان آهن؟

19- ٽڪا ڪيئن ڏيارجن؟

20- هيٺين حالتن ۾ ڪهڙا ترت علاج ڪجن: گهٽجڻ، هڏي جو مڙڻ، نانگ جو ڪائڻ؟

21- ڪاربانڪ ائسڊ گئس ڪيئن ٺهندو آهي ۽ ان مان فائدا ۽ نقصان ٻڌايو؟

22- کوهن ۽ تلائن کي ڪيئن صاف رکجي؟

23- تپ جو ڪارڻ ڇا آهي ۽ سڀ ڪان مفيد دوا انهي لاءِ ڪهڙي ثابت ٿي آهي؟

24- ورزش مان فائدا ڪهڙا آهن ۽ ان وقت ڪهڙيون ڳالهيون ڌيان ۾ رکڻ گهرجن؟

25- وهنجڻ جي ضرورت ڇو ٿي ٿئي ۽ ڪهڙيءَ طرح وهنججي؟

26- سيتلا جي بيماري ڪيئن ٿي ٿئي ۽ ان جي حفاظت ڪيئن ڪجي؟

27- ماڻهو نا چڱو نہ ٿئي تنهن لاءِ وهنجڻ، کائڻ ۽ سمهڻ لاءِ ڪهڙا قاعدا پالي؟

28- جهولي جي جهڙپ لاءِ ترت علاج لکو؟

29- هوا جيڪڏهن حرڪت نہ ڪري ۽ يڪ جاءِ بيهي رهي، تہ خلقت کي ڪهڙا نقصان ٿين؟



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

30- کوھہ جنھن پٽ ۾ کٽائجي، ان جي اندر کھڙيون شيون ھئڻ نہ گھرجن؟
31- اسين دم سان جيڪا ھوا ڪائون ٿا ۽ ٻاھر ڪيون ٿا، تن ٻنهي ۾ کھڙو تفاوت آھي ۽ انھيءَ ڪري جو اسان جي بدن ۾ ڪم ٿو ٿئي، تنھن جي چٽائيءَ سان بيان ڪريو؟
32- ڳوٺ جي تندرستي قائم رھي ۽ وڌندڙ ھجي، تنھن لاءِ اتي جي وڏيري يا پٽيل کي کھڙا اپاءُ ڪم آڻڻ گھرجن؟
33- دست ۽ سوريءَ جي ٿيڻ جا ڪارڻ ٻڌايو ۽ جڏھن ٿين تڏھن ڇا ڪرڻ گھرجي؟
34- ڇا ڪائجي ۽ ڪيئن ڪائجي تنھن بابت لکو؟
35- مردي ساڙڻ يا پورڻ بنسبت اوھان جي کھڙي راءِ آھي، دليل سان ڏيو؟ (جواب ھر ڪنھن شاگرد کي پنھنجي ڌرم موجب جواب ڏيڻ گھرجي يعني ھندو ساڙڻ چڱو لکن ۽ مسلمان پورڻ چڱو لکن)
36- ھيٺين حالتن ۾ ڇا ڪرڻ گھرجي:- ڏينيوءَ جو ڏنگ، ڪل جو متاڇرو سڙڻ، ڪتي جي چڪ پائڻ ڪري ڦار نڪرڻ؟
37- علم صحت جي سکڻ مان کھڙو فائدو ٿو ٿئي؟
38- ھوا ڇا جي جڙيل آھي ۽ انھن جو مقدار ٻڌايو؟
39- ھيٺين ڳالھين لاءِ ڇا ڪاڻ منع ڪندا آھن نمي ويھي لکڻ، باغ ۾ رات جو گھمڻ، اونداھي گھر ۾ رھڻ، پيٽ ڀري ڪائي سمھڻ؟
40- ڪاڏي ۽ ننڊ جي ضرورت ڇو ٿي ٿئي؟
41- پاڻ کي چڱي ڀلي رکڻ لاءِ ڪپڙن بنسبت کھڙي خبرداري ڪرڻ گھرجي؟
42- ماڻھن جي تندرستيءَ جي بچاءَ لاءِ ميونسپالٽن کي کھڙين ڳالھين تي ڌيان ڏيڻ گھرجي؟
43- جڏھن ساھہ کڻڻ ۽ ڀاھہ ۽ بتيءَ جي ٻرڻ ڪري ھوا خراب ٿئي ٿي، تڏھن ساھہ وارا ڇو نہ ٿا مرن؟
44- سمھڻ مان تندرستيءَ کي کھڙو فائدو آھي، سو کولي ٻڌايو؟
45- يڪ تندرستي ھزار نعمت ثابت ڪريو؟
46- ڄمڻ ۽ مرڻ جي داخلا ڪري رکندا آھن سو ڇو؟ جواب ميونسپالٽيون، سينيٽري بورڊن ۽ تپيدار انھيءَ لاءِ تہ ڄم گھٽو آھي يا موت ۽ کھڙين بيمارين ڪري موت ٿين ٿا.
47- اونداھہ ۽ سوجھري جا اثر ساھوارن ۽ ڳلن ٻوٽن تي کھڙا ٿين ٿا؟
48- ھندستان ۾ عام بيماريون کھڙيون آھن ۽ انھن جا علاج ٻڌايو؟
49- انفلوئنزا مرض کي ٽارڻ لاءِ کھڙا اپاءُ ڪم آڻڻ گھرجن؟
50- ڀاڃي خواھہ گوشت ڪائيندڙ ماڻھن کي کھڙي کھڙي قسم جو ڪاڌو ڪائڻ


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

گهرجي جيئن بيمار وسيلي ٻاهر نڪرن ٿيون ۽ ڪيئن؟
51- رت جون غلاظتون بدن جي ڪهڙن ڀاڱن جي وسيلي ٻاهر نڪرن ٿيون ۽ ڪيئن؟
52- هيٺين ڳالهين مان فائدا ۽ نقصان سببن سان ٻڌايو:- هلندڙ گاڏيءَ ۾ پڙهڻ، ٻيڙي يا حقو ڇڪڻ، شراب پيئڻ، جلاب وٺڻ، اڄ مارڻ.
53- هيٺين حالتن ۾ ڪهڙا ترت علاج ڪرڻ گهرجن:- نانگ جو ڏنگڻ، (ب) هڏي جو سنڌ وٿان ٿڙڪي وڃڻ، (ث) رهڻ جي جاءِ کي چوڌاري ٻاهه جو ويڙهي وڃڻ؟
54- هيٺين مرضن جو نشانيون ۽ ٽارڻ جا اپاءُ ٻڌايو :- (الف) ماتا، (ب) وبا، (ث) پليگ؟
55- سمجهو ته توهان کي پنهنجي رهڻ لاءِ جاءِ ٺهرائڻي آهي، ٻڌايو ته توهين تندرستيءَ جي مد نظر تي ڪهڙين ڳالهين تي ڌيان ڏيندا؟
56- نظر گهٽ ڪيئن ٿي ٿئي، ڪم نظريءَ کي ٽارڻ جا ڪهڙا علاج آهن؟
57- هيٺين جو مختصر بيان ڏيو ۽ هر هڪ ڪهڙو ڪم ٿو ڪري سو سمجهايو:- (الف) مغز، (ب) ڦڦڙ (ت) چمڙي؟
58- بدهاضمي جون ڪهڙيون نشانيون آهن ۽ ان کي ٽارڻ لاءِ ڪهڙا علاج آهن. بيمار ۽ پير مرد گهٽو ڪري بدهاضمي جي پڪار ڪندا آهن سو ڇو؟
59- هوا جيڪا ساهه ڪڍڻ سان اندر نيون ٿا سا ڪهڙين گئسن جي ٺهيل آهي ۽ جيڪا ٻاهر ڪڍيون ٿا سا ڪهڙين گئسن جي ٺهيل آهي. هوا جيڪا ٻاهر ڪڍيون ٿا سا وري ڪهڙيءَ طرح صاف ٿي ڪارگر ٿئي ٿي؟
60- ڪسرت ڪرڻ جي ضرورت سمجهايو ۽ ٻڌايو ته سڀ ڪان چڱي ڪسرت ڪهڙي آهي ۽ ڇو؟
61- هيٺين تي نوٽ لکو (1) هلندڙ گاڏيءَ ۾ پڙهڻ، (2) تمام پڪل يا ڪچو ميوو کائڻ، (3) اڄ مارڻ، (4) رات جو منهن ڍڪي سمهڻ، (5) سوڙها ڪپڙا پائڻ، (6) ڪبو تي وهڻ؟
62- هيٺين حالتن ۾ ڪهڙا علاج ڪرڻ گهرجن:- (1) ٻڏل ماڻهوءَ کي سامت ۾ آڻڻ، (2) رت جو وهڻ بند ڪرڻ، (3) بدن تي پيل ڪپڙن کي باهه لڳي تڏهن پاڻ بچائڻ، (4) موسمي تپ کان پاڻ بچائڻ؟
63- رت جو دورو دائم پيو هلي. اها ڳالهه کولي سمجهايو؟
64- هيٺين جي سمجهاڻي ڏيو ته (الف) پاڻيءَ جون غلاظتون، (ب) گندي پاڻيءَ جون خرابيون، (ت) گندي پاڻيءَ جي خرابين کي ٽارڻ جو علاج؟
65- چڱي ۽ خراب هاضمي جون نشانيون ٻڌايو. هاضمو چڱو رهي تنهن لاءِ ڪهڙا اپاءَ هٿڻ گهرجن؟
66- اک جي بناوٽ سمجهايو ۽ نظر گهٽ ٿيڻ جا سبب لکو؟


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

67- ڦٽ تي پٽي ٻڌڻ جي مراد ڪهڙي آهي ۽ ٻڌايو تہ پٽي چڱيءَ طرح ڪيئن ٻڌجي؟
68- هيٺين حالتن ۾ ڪهڙا ترت علاج ڪرڻ گهرجن :-
(1) هڏو ڀڄڻ، (2) بيهوشي، (3) نانگ جو چڪ، (4) باهہ لڳڻ ؟
69- سلهہ جي مرض تي نوٽ لکو؟
70- بت مان غلاظتون ڪهڙي دستور موجب ٻاهر نڪرن ٿيون؟
71- جيئڻ لاءِ تمام ضروري شيون ڪهڙيون آهن؟
72- وبا جي بيماري ڇو ٿي ٿئي. ان جا ڪهڙا ڪارڻ آهن ۽ ڪهڙا علاج ڪرڻ گهرجن ؟
73- ڪاڌو ڇو ٿو ڪائجي ۽ ڪهڙيءَ ريت اهو هضم ٿي اسان کي فائدو پهچائي ٿو؟
74- هيٺين حالتن ۾ ڪهڙا ترت علاج ڪرڻ گهرجن:- (الف) نڪهير اچڻ، (ب) زهر کائي ويهڻ، (ت) ڪن ۾ سور پوڻ؟
75- هيٺين ڳالهين مان ڪهڙا فائدا يا نقصان آهن ۽ ڇو؟ (الف) شام جي وقت رهڻ جي جاين کي واس ڌوپ ڪرڻ، (ب) ورت يا روزو رکڻ، (ت) ڏندڻ ڪرڻ، (ڌ) چانهہ پيئڻ، (ج) تماڪ چٻاڙڻ (ج هاضمو خراب ٿئي ٿو چاڪاڻ تہ ٽڪ ٽڪ جي عادت پوي ٿي)
76- رت جي دوري جو مختصر بيان ڏيو. وڏن شهرن جي پاڻيءَ جي نلن سان سندس مشابهت ڏيکاريو؟
77- ڪاڄ جيڪو ڪائجي سو سمورو ڪمائتو ٿئي تنهن لاءِ ڪهڙين ڳالهين تي ڌيان ڏيڻ گهرجي؟
78- جنهن جاءِ ۾ رهجي تنهن ۾ صاف هوا جي اچڻ لاءِ ڪهڙو بندوبست رکجي. رات جو وات منهن ڍڪي سمهڻ ڇو غلط سمجهيو وڃي ٿو؟
79- گهر جي گندي پاڻيءَ جو نيڪال ڪيئن ڪرڻ کپي. گهر ۾ يا ٻاهر گهٽيءَ ۾ اهڙي پاڻيءَ هارڻ مان ڪهڙو نقصان آهي، جيڪڏهن توهان ڪنهن شهر جا بانيڪار ٿيو تہ گندي پاڻيءَ جي نيڪال جو ڪهڙو بندوبست رکو؟
80- ڪسرت جو ڦڦڙن تي ڪهڙو اثر آهي سو چٽيءَ طرح سمجهايو؟
81- (1) چانهہ پياڪن کي ڪهڙيون ڳالهيون ياد رکڻ گهرجن (2) ٻيڙيءَ يا حقي ڇڪڻ مان ڪهڙا نقصان آهن؟
82- هيٺين حالتن ۾ ڪهڙا ترت علاج ڪرڻ کپن.
(1) ڪپ لڳڻ ڪري رت جو وهڻ.
(2) ٽهڪندڙ پاڻيءَ پوڻ ڪري زخم زخم ٿي پوڻ.
(3) مٽي پر ڪرڻ ڪري بيهوشي.
83- (الف) هڏن جي پورائي ڪهڙن اصولن تي رٿيل آهي. (ب) سنڌ چرڻ مهل آواز ڇو نہ ٿا ڪن؟


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

84- بدن جي ٻاڦ جي ڪل سان ڀيٽ ڪريو ۽ سمجهايو تہ ڪهڙن خاص مختلف قسمن جو ڪاڌو انسان لاءِ ضروري آهي ۽ ڇو؟
85- ساهہ کڻڻ جا عضوا ڪهڙا آهن، سندن ڪم جو مختصر احوال ڏيو؟
86- (الف) گرميءَ سرديءَ مطابق پوشاڪ جي جنس ۽ رنگ وغيره جو ڪهڙو ڦير گهير ضروري آهي (ب) غليظ ڪپڙن پهرڻ مان ڪهڙو نقصان آهي؟
87- (الف) پان کائڻ وارن کي ڪهڙيون ڳالهيون ياد رکڻ کپن. (ب) ڏند ڏهاڙي ڪيترا ڀيرا صاف ڪرڻ کپن ۽ ڇو؟
88- (الف) سئي هڻائڻ مان مکيہ فائدا ڪهڙا آهن. (ب) جيوڙن کي ناس ڪرڻ لاءِ ڪي ڪارگر طريقا ٻڌايو؟
89- بدني ورزش جا ڪي سٺا نمونا ٻڌايو ۽ سمجهايو تہ انهن جو اثر جسم ۽ دماغ تي ڪهڙو آهي؟
90- هيٺين حالتن ۾ ڪهڙا ترت علاج ڪرڻ گهرجن:-
(1) رهڙ اچڻ، (2) اکيون اٿڻ، (3) نڪ هير اچڻ.
91- هيٺين ڳالهين مان ڪهڙا فائدا يا نقصان آهن:- (1) شام جو سنان ڪرڻ. (2) چانهہ پيئڻ. (3) پان سوپاري کائڻ؟
92- وڏو تپ ڇا آهي؟ ان جا ڪارڻ ڪهڙا آهن؟ ان تپ ۾ ڪهڙي سنڀال ڪجي؟
93- هيٺين تي مختصر نوٽ لکو:- (1) ڪليل ميدان ۾ ڪثرت ڪرڻ. (2) ڏندڻ ڪرڻ. (3) نمي وهڻ؟
94- سمنڊ مسافري ڪندي اوهان کي پيئڻ لاءِ مٺي پاڻيءَ جي ضرورت آهي ٻڌايو تہ ڪيئن هٿ ڪندا؟
95- ڪنڊ جي ڳوڻ واريءَ جي هڪ وڏي ڍڳ سان ملي ويئي آهي. ڪيئن ان کي ڌار ڪندا؟ جواب- واريءَ گڏيل ڪنڊ پاڻيءَ ۾ خوب ملائي پوءِ آنرجي. اهو پاڻي باهہ تي جوش ڏياري ڄمائي ڪنڊ ڪجي.
96- هيٺين حالتن ۾ ڪهڙا ترت علاج ڪرڻ گهرجن:-
(1) هٿ جي آڱر ۾ چير اچڻ ڪري رت جو وهڻ. (2) ڪرڪيٽ راند ۾ ڪينهون لڳڻ ڪري سوڄ ٿيڻ؟
97- هيٺين ڳالهين مان ڪهڙا فائدا يا نقصان آهن:-
(1) ورزش. (2) روزو يا ورت رکڻ. (3) شراب پيئڻ.
98- سيتلا جي بيماريءَ جا ڪهڙا ڪارڻ آهن. ان مان ڪهڙي سنڀال ڪرڻ گهرجي، بيماريءَ کي روڪڻ لاءِ ڪهڙا اپاءُ وٺڻ گهرجن؟
99- هيٺين تي نوٽ لکو:- (1) صبح جو اٿڻ وقت ۽ رات جو سمهڻ وقت اکيون ڌوئڻ ۽ اکين جي بلڪل نزديڪ ڪتاب جهلي پڙهڻ. (2) هٿن ۽ وات صاف ڪرڻ کان


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

سواءِ ماني کائڻ. روزاني باقاعدي ڪسرت ڪرڻ؟
100- رت بدن ۾ ڪيئن تي صاف ٿئي تنهن جو احوال ڏيو؟
101- هيٺين جو مختصر بيان ڏيو:- شاهه شريان، دل جا دروازا، معدي جي رس، لڪل گلئنڊس ماٽڪي، چمڙيءَ جا سوراخ ۽ رت جا اڇا ذرڙا.
102- هاضمو ڇاکي ٿو چئجي ۽ ماس ۽ سبزي: جي گڏيل خوراڪ جڏهن ڪاڏي جي نليءَ مان ٿي لنگهي، تڏهين منجهس ڪهڙي ڦير ڦار ٿئي ٿي؟
103- رت بدن ۾ ڪهڙو ڪم ٿو ڪري سو ٻڌايو؟
104- پاڻيءَ جون غلاظتون ٻڌايو ته اهي پاڻيءَ ۾ ڪٿان ٿيون داخل ٿين. خراب پاڻيءَ مان ڪهڙيون بيماريون ٿيون پيدا ٿين؟
105- هيٺين جو مختصر بيان ڏيو ۽ انهن ڪي روڪڻ لاءِ ڪهڙا اپاءُ وٺڻ گهرجن:- موسمي تپ، خارش، وڏي ماتا يا سيتلا؟
106- بانس ڇڏائيندڙ، مرض جي جيوڙن جي واڌارو روڪيندڙ ۽ مرض جي جيوڙن ڪي ناس ڪندڙ شين جي وچ ۾ ڪهڙو تفاوت آهي؟ هر هڪ شيءِ جا مثال ڏيو؟
107- هيٺين ۾ ڪهڙو ترت علاج آڻيندؤ:- نانگ جو چڪ، ٻڏڻ، سڙڻ يا پاڻيءَ ڪري ڦوڪٽو ٿيڻ.
108- هيٺيون خالي جايون اهڙي ريت پوريو، جو ڳالهيون صحيح سمجهڻ ۾ اچن:-
(1) هڏو .......... ۽ .......... جو ٺهيل آهي.
(2)انسان جي بدن جا مکيه عضوا آهن .......... ۽ ..........
(3) رت .......... ۾ صاف ٿئي ٿو.
(4).......... نشاستي کي ڦيري کنڊ جي صورت ۾ آڻي ٿي.
(5) دل هڪ .......... آهي جو سدائين پيو سسي ۽ ڦنڊي.
(6).......... مان ساهه کڻڻ سڀ کان سٺو آهي.
(7) رت ۾ .......... ۽ .......... جزا آهن.
(8) تندرست ماڻهوءَ جي گرميءَ جو درجو .......... فارن هائيٽ آهي.
(9) هوا ۾ مکيه .......... ۽ .......... گئسون آهن، جن مان پهرئينءَ جا .......... حصا آهن ۽ ٻئيءَ جو .......... حصو آهي.
(10) وڏيءَ ماتا کي روڪڻ لاءِ سڀ کان سٺو علاج آهي ..........
(11) اسين .......... ۽ .......... دوران بدن جون غلاظتون ٻاهر ڪيون ٿا.
جواب:- (1) سخت پٿر جهڙي شيءِ ۽ ٽنيڻ جهڙي نرم شيءِ (2) دل ۽ مغز (3) ڦڦڙن (4) وات جي پڪ (5) رڳن جو پنو (6) نڪ (7) ڳاڙها ۽ اڇا (8) 98.4 (9) آڪسيجن ۽ نائٽروجن جن جا چار حصا (10) ٽڪا (11) پگهر ۽ پيشاب.
109- هيٺين حالتن ۾ ڪهڙا ترت علاج ڪندا:- تيزاب وارو زهريلو پيئڻ، مُري جو


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

مُڙَنِ، پير ۾ شيشي لڳڻ ڪري رت جو وهڻ. مرگهي؟
جواب:- جڏهن هيءَ بيماري ٿئي تڏهن بيمار جي اڳيان باهه يا اهڙي ہي ڪا شيءِ اصل نہ هئڻ گهرجي نہ تہ پاڻ کي نقصان رسائي وجهندو ۽ ڪيس پادر سنگهائڻ مان وقتي فائدو ٿئي ٿو ۽ ماٿهن جو گوڙ ٿيڻ نہ ڏجي.
110- چٽي شڪل ڪڍي ڏيکاريو، تہ رت جو دورو ڪيئن ٿو ٿئي؟
111- هيٺيون شڪليون ڪڍي ڏيکاريو:- ٻڪين جو مثاني سان لاڳاپو، دل جي جوڙ جڪ.
112- موسمي تپ جا علاج ۽ ڪارڻ لکو؟
113- انفلوئينزا جون نشانيون ۽ علاج لک؟
114- هيٺين جي سامهون هائو يا نہ لکو:-
(1) ٽڪا ماتا ۾ مبتلا ماڻهوءَ کي امالڪ فائدو ڪندا. (نہ)
(2) زهريلو مڇر سنئون سڌو ٽي وهندو آهي. (نہ)
(3) متاهينءَ ٽڪريءَ تي مرض جا جيوڙا ڪين ٿين. (ها)
(4) بينل پاڻيءَ تي گاسليٽ ڇٽڪائبو تہ مڇرن جا ٻچا مري ويندا. (ها)
(5) ٻڪيون هاضمي جا عضوا آهن. (نہ)
(6) انسان جي ڦڦڙن ۾ مشڪون ڪونهن. (نہ)
(7) ماڻهو جيئن ڀڏو ٿيئن سندس هڏا وڃن لچڪيدار ٿيندا. (نہ)
(8) نڪ هير جي حالت ۾ مٿي تي گرم پاڻي وجهڻ گهرجي. (نہ)
(9) ٿرما ميٽر سان هوا جي داٻ جي خبر پوندي آهي. (نہ)
115- پڪ مان فائدا ٻڌايو؟
116- ٻارن جي سنيال بابت مختصر نوٽ لکو؟
117- وار ڪيئون ڇا آهي، ان کان بچڻ جا اپاءُ لکو؟
118- ٽڪا کهڙيءَ ريت ڪارائتا ٿين ٿا؟
119- ٻاراٽو ڇا آهي ۽ ان جو علاج ڪولي لکو؟
120- ٻارن لاءِ وقت بوقت ڪهڙيون خبرداريون ڪجن؟
121- بيمار جي ڪهڙيءَ ريت ٺهل ٽڪور ڪجي؟
122- ڪن جي مر ڪهڙن علاجن لاءِ مفيد آهي؟
123- زڪام لاءِ ڪي مفيد علاج لکو؟
124- اک جي ڪئميرا سان ڀيٽ ڪريو ۽ اک جي شڪل ڪڍي ڏيکاريو؟
125- گڙدي جو سور ڇو ٿو پوي ۽ ان جا علاج ڪولي لکو؟
126- پيشاب ڪهڙن علاجن ۾ مفيد آهي؟
127- هيٺين ۾ خال اهڙيءَ طرح ڀريو جو ڳالهيون پوريون ۽ صحيح ٿين:-
(1) پاڻي ٻن گئسن جو ٺهيل آهي، هڪڙي .............. ۽ ٻي ..............


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

جن مان پهرينءَ جا ............. حصا آهن ۽ ٻيءَ جا ............. حصا آهن.

(2) پڪ ............. کي ڦيري ............. جي صورت ۾ آٽي ٿي.

(3)..............، .............. ۽ .............. اهڙا ڪاڏا آهن جو نئون ماس ناهين ٿا.

(4) رت ............. ۾ صاف ٿئي ٿو.

(5) رت مان پاڻي ..............، .............. ۽ .............. دوران نيڪال ٿئي ٿو.

(6) ٻاڦ جي گرميءَ جو درجو ............. آهي.

جواب :- (1) هائڊروجن ۽ ٻي آڪسيجن پهرين جا حصا ٻه ۽ ٻي جو حصو هڪ (2) نشاستي کي کنڊ (3) کير، داليون ۽ گوشت (4) ڦڦڙ (5) پيشاب، پگهر ۽ ساهه کڻڻ (6) 100 درجا سينٽي گريڊ يا 212 درجا فئروناٿيٽ.

128- پاڻي ڇڪڻ واري پمپ جي شڪل ڪڍيو ۽ سمجهايو ته پاڻي مٿي ڪيئن ٿو چڙهي؟ (ج صفحو 92 ۽ 5 ڪتاب جو سبق)

129- هيٺين مان ڪن ٻه ٽن حالتن ۾ ڪهڙو ترت علاج ڪندا:-

(1) ڪنهن ماڻهو آفيم سرس کاڌو آهي.

(2) ڪو ڇوڪر واهه ۾ سنان ڪندي ٻڏي پوي ٿو.

(3) ڪو سوار گهوڙي تان ڪري ٿو ۽ سندس ڪنڌ جو هڏو ڀڄي پوي ٿو.

(4) ناٽڪ ۾ ويٺي ڪنهن زال کي اچي مونجهه ۽ وسامڻ ٿئي ٿو 173.

(5) ڪنهن ماڻهوءَ جو گهمندي پگهل شيشي تي پير اچي ٿو ۽ سندس خون نڪري ٿو.

(6) وڃونءَ کان ڏنگجڻ.

130- هاضمي جي نليءَ جي شڪل ڪڍو، سيني ۽ پاڳن جا نالا ڏيو ۽ هر هڪ جو ڪم ٻڌايو؟

131- هيٺين جي سمجهاڻي ڏيو ته ڇو:- (1) پاڻي نڪر جي ٿانون ۾ رکبو آهي، (2) اونهاري جو اڇا ڪپڙا پائڻ مفيد آهن، (3) رات جو وڻن هيٺيان سمهڻ نقصان ڪار آهي، (4) عام جاين تي ٿڪن اڇلڻ جي منع آهي.

132- هيٺين منجهان ڪن ٻه ٻن جون علامتون، ڪارڻ، علاج ۽ روڪڻ جا اپاءَ لکو:-

(1) وبا يا ڪالرا، (2) وڏي ماتا، (3) مليريا يا موسمي تپ.

133- هيٺين مان ڪن ٻه ٽن تي ننڍا نوٽ لکو:-

(1) باقاعدي ورزش، (2) روزانو سنان، (3) وات ۽ ڏندن جي صفائي، (4) اکين جي سنڀال.



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

134- خوردبينيءَ مان چمڙي ڪيئن ٿي ڏسڻ ۾ اچي سندس شڪل ڪڍي ڏيکاريو ۽ سندس ڀاڱن جي ڪمن جو ذڪر ڪريو؟

135- هيٺيون حقيقتون سچيون آهن يا ڪوڙيون:-

(1) هڏا اندران نهرا آهن (2) ڪير معدي ۾ هضم ٿئي ٿو (3) دل جي ڪٻي ڀاڱي ۾ گندو رت رهي ٿو (4) پنيءَ جو ڪنڊو هڪ يڪو هڏو آهي (5) هئڊروجن هوا ڪان ڳوري آهي (6) ڪاربانڪ ائسڊ گئس هوا ڪان ڳوري آهي (7) آڪسيجن باهه لاءِ ضروري آهي (8) شڪارپور ڪان ڪوئيٽا وچبو ته بئراميٽر ۾ پارو چڙهندڙ ويندو (9) وات مان ساهه ڪڍڻ نقصان ڪار آهي.

جواب:- (1) نه، مگر پورا آهن (2) نه، مگر سندس نشاستي وارو ڀاڱو وات جي پڪ ۾ ڪنڊ جي صورت وٺي ٿو (3) نه، سنو رت رهي ٿو (4) نه، 33 ننڍن هڏن جو ٺهيل آهي (5) نه هوا ڪان هلڪي آهي (6) هائو (7) هائو (8) نه، پاڻ لهندو چو ته ڪوئيٽا، شڪارپور ڪان گهڻو مٿي آهي ۽ اتي هوا جو داٻ شڪارپور ڪان گهڻو گهٽ آهي. (9) هائو.

136- هيٺيون خالي جايون ڀريو:-

(1) دل بدن جي ........... پاسي آهي ۽ .......... خانن ۾ وراهيل آهي.

(2) ڪاڏي ڪي ٽن مکيه ڀاڱن ۾ ورهائي سگهجي ٿو، ..........، .......... ۽ ...........

جواب :- (1) کاٻي ۽ چئن (2) نشاستي وارو، نائٽروجن ۽ سٽپ وارو.

137- هيٺيون حقيقتون سچيون آهن يا ڪوڙيون جي ڪوڙيون آهن ته درست ڪريو:-

(1) ماٽڪي اونده ۾ ننڍي ۽ روشنيءَ ۾ وڏي ٿئي ٿي.

(2) پليگ جي بيماري ميڙن جي چڪ پائڻ سان ٿئي ٿي.

جواب (1) ڪوڙي، ماٽڪي اونده ۾ وڏي ۽ روشنيءَ ۾ ننڍي ٿيندي آهي. (2) ڪوڙي ٻگهيءَ جي چڪ پائڻ ڪري ٿيندي آهي.

138- هيٺين جي سمجهاڻي ڏيو:-

1- دال ۽ چانور ڪائڻ چڱا آهن.

2- ڪتي پاٽي گهڻي انداز ۾ بيٺل هجي ۽ سڪار ٿي نه سگهي ته ان تي گاسليٽ هارجي.

3- هڏا اندران پورا آهن انهيءَ ۾ اسان جو فائدو آهي.

جواب :- (1) چانور ۾ نشاستو تمام گهڻو آهي ۽ دال ۾ نائٽوجن گهڻو آهي جنهن ڪري ڪاڏي جي جزن جي ڪمي جو پورائتو ٿئي ٿو. (2) 136 (3) 10

139- هيٺين مان ڪن ٽن تي ننڍا نوٽ لکو :-

(1) ڪيپراٽي، (2) ڪرنگهو، (3) گجي، (4) اخراج ڪندڙ عضوا.



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

140- وچڙندڙ مرض ۾ گرفتار ٿيل جي حالت ۾ کھڙين ڳالھين تي خاص ڌيان ڏجي انهن جو تفصيل وار بيان ڏيو؟
141- مريض جي ڪيئن ٿھل ٽڪور ڪجي؟
142- ٻارن جي نيپاج ۾ کھڙين ڳالھين ڏانهن ڌيان ڏيڻ گھرجي؟
143- هيٺين اتفاقن تي توهين حاضر هجو ته جيڪر ڪھڙو ترت علاج ڪريو:-
(1) ڪنهن زال کي رڌڻي ۾ ڪم ڪندي ڪپڙن کي باهه لڳي ٿي، (2) ڪنهن ڇوڪريءَ کي گھٽيءَ مان گھمندي چِتو ڪتو چڪ پائي ٿو، (3) هاڪيءَ راند ڪندي ڪنهن جي ٽنگ ڀڄي پوي ٿي.
144- هيٺين مان ڪن به ٻن تي نوٽ لکو:-
(1) سلھ جو مرض، (2) وار ڪيئون، (3) بدني ورزش.
145- هيٺين ۾ خالي جايون ڀريو:-
(1) غير محڪوم مشڪن کي هلائڻ ........... مغز جو ڪم آهي.
(2) پٺيءَ جي ڪنڊي ۾ ........... هڏا آهن.
(3) رت واهڻ ٻن قسمن جا آهن 1- ........... جي صاف رت پهچائين ٿيون.
2- ........... جي غليظ رت نين ٿيون
(4) ماڻڪي اوندھ ۾ ........... ۽ روشنيءَ ۾ ........... ٿئي ٿي.
(5) ويجھي نظر واري آدميءَ لاءِ عينڪ ۾ ........... لينس ۽ دور نظر واري آدميءَ لاءِ ........... لينس ضروري آهن.
جواب:- (1) پل (مستطيل) (2) ٽيٽيھ (3) شريانيون ۽ نسون (4) وڏي ۽ ننڍي (5) وچ تي سنھو ۽ وچ تي ٿلھو.
146- هيٺيون حيقتون سچيون آهن يا ڪوڙيون، جي ڪوڙيون آهن ته درست ڪريو:-
(1) گھڙيال اڪثر ڪري اونهاري ۾ تڪڙو ۽ سياري ۾ ڍلو هلي ٿو.
(2) ٻرڻ ۽ ساھ کڻڻ لاءِ هوا ۽ آڪسيجن هئڻ تمام ضروري آهي.
(3) کاڌي ۾ وٽامن جي نه هئڻ ڪري قبضي ۽ بدهاضمو ٿئي ٿو.
جواب :- (1) ڪوڙي، مگر اونهاري ۾ ڍلو ۽ سياري ۾ تڪڙو هلندو آهي (2) سچي (3) ڪوڙي، مگر وٽامنس نه هئڻ سبب عضون جو سڪڻ، هڏن جي ڪمزوري ۽ هڏڙيءَ جون بيماريون ٿين ٿيون
147- هيٺين مان ڪھڙين به ٽن تي شڪليون ڪڍي نوٽ لکو.
(1) مغز جي بناوت ۽ سندس ڀاڱا، (2) دل، (3) تنتي سرشتو، (4) اک، (5) ڪرنگھو.
148- رت جو دورو ڇا آهي ۽ ڪيئن ٿو هلي ۽ دوري ۾ ڪھڙا عضوا ڪم ڪن ٿا.
149- رت جا جزا ۽ سندن ڪم لکو؟
150- هيٺين جون شڪليون ڪڍي نوٽ لکو:-


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

(1) رت جو دورو، (2) ڪيپراٽي، (3) بڪيون.

151- هيٺين حقيقتون سچيون آهن يا ڪوڙيون ۽ جي ڪوڙيون آهن ته درست ڪريو:-

(1) هڪڙو پيالو جنهن ۾ 50 گرام پاڻيءَ جا پئجي سگهن ٿا، تنهن ۾ اٽڪل 600 گرام پاري جا پئجي ويندا.

(2) ڪنهن گھڙيال جي لڏڪڻي جي ڊيگھ چئوڻي ڪجي ته سندس هڪ ڦيري جو وقت ٻيڻو ٿيندو.

(3) ڏندڻ ڏينهن ۾ 3- 4 دفعا ڪرڻ مان نقصان ٿيندو.

(4) سيني ڪاڏن ۾ رڳو ٻن قسمن جون شيون آهن نشاستو ۽ چربي.

(5) اکين ۾ اندر روشني آهي ئي ڪانه.

(6) سرءُ جي تپ ڪري هندستان ۾ هر سال تمام ٿورا ماڻهو مرن ٿا.

جواب :- (1) هائو (2) هائو (3) نه، ڪو به نقصان ڪونه ٿيندو مگر ڏندن ڪي اجايو گھڻو زور ڏيڻ نه گھرجي (4) نه، مگر انهن کان سواءِ نائٽروجني ۽ معدني ڀاڱا پڻ ٿين ٿا (5) هائو (6) نه بلڪل گھڻا ماڻهو مرن ٿا.

152- هيٺين جون شڪليون ڪڍي نوٽ لکو:-

(1) ڪن، (2) ڦڦڙ، (3) ڏوري جو پٺو.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

# ترقي سنڌ مسلم

قرآني آيت:-

اِنَّ اللّٰهَ لَا يُغَيِّرُ مَا بِقَوْمٍ حَتّٰى يُغَيِّرُوْا مَا بِاَنْفُسِهِمْ ؕ

يعني الله تعاليٰ ڪنهن به قوم جي حالت نٿو ڦيرائي جيسين اها قوم پاڻ پنهنجي حالت نٿي بدلائي.

ڪسي ني يه بقراط سي جا ڪ پوچها
مرض تيري نزديک مهلک هين ڪيا ڪيا
ڪها دکهه جهان مين نهين ڪوئي ايسا
ڪ جس ڪي دوا حق ني ڪي هو نه پيدا
مگر وه مرض جس ڪو آسان سمجهين
ڪهي جو طبيب اس ڪو بذيان سمجهين
يهي حال دنيا مين اس قوم ڪا هه
بهنور مين جهاز آڪي جس ڪا گهرا هه
ڪنارا هي دور اور طوفان بپا هه
گمان هي يه هر دم ڪ اب ڊوبتا هه
نهين ليتي ڪروٽ مگر اهل ڪشتي
پڙي سو تي هين بيخبر اهل ڪشتي
وه دين حجازي ڪا بيبا ڪ بيڙا
نشان جس ڪا اقتصادي عالم مين پهنچا
مزاحم هوا ڪوئي خطره نه جس ڪا
نه عمان مين ٺٽڪا نه قلزم مين جهچڪا
ڪئي هي سير جس ني ساتون سمندر
وه ڊوبا داهانه مين گنگا ڪي آڪر

*(حالي)*

شمس العلما مولانا الطاف حسين حالي جو مسدس جو هندستان جي ڪنهن به


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

ڪتب فروش وٽان ملي سگھندو سو سنڌ جي سيني اڙدو ڄاڻندڙ مسلمانن کي ضرور پڙهڻ گهرجي. اهو ڪتاب اگرچہ نظم ۾ لکيل آهي تڏهن بہ مسلمانن جي اڳوڻي حالت ۽ هاڻوڪي جهڙي صحيح ۽ چٽي ان ۾ بيان ڪيل آهي تهڙي ورلي ڪنهن تاريخ جي ڪتاب ۾ هوندي. ان ۾ حديثن ۽ آيتن جي وسيلي ظاهر ڪري ڏيکاريل آهي تہ الله تعاليٰ حضرت محمد ﷺ کي انهيءَ لاءِ موڪليو تہ دنيا ۾ نيڪ اخلاق کي ڪماليت وٺائي. پاڻ ﷺ جن ڪهڙا ڪهڙا اخلاق ۽ ترقيءَ جا اصول سيکاريا ۽ انهن جي وسيلي عرب جي وحشين کي ڪيئن انسان بنائي دين ۽ دنيا ۾ ترقيءَ جي رواج تي رسايائون سو پڻ ان ۾ چڱيءَ طرح بيان ڪيل آهي. مسلمان نيڪ اخلاقن جي ڪري نہ رڳو عملن ۽ هنرن ۾ ماهر ٿيا پر دولتمند ۽ سڄي دنيا جا حاڪم ٿي پيا، مگر پوءِ عيش عشرت ۽ سستيءَ جي ڪري علمن ۽ هنرن کي ڇڏي بد اخلاقين ۾ مبتلا ٿي دولت ۽ حڪومت وڃائي، سڃائي ۽ مصيبتن ۾ وڪوڙجي ويا. ان ڪتاب ۾ مسلمانن جي زواليت جا سبب ۽ هاڻوڪن هر هڪ طبقي جي مسلمانن جي عيبن جي صحيح تصوير نڪتل آهي. تنهن ڪان پوءِ ڏيکاريل آهي تہ جيڪڏهن مسلمان وري بہ اسلام جي تعليم وٺن ۽ دين تي عمل ڪن تہ ٿوري ئي عرصي ۾ ساڳي ترقي حاصل ڪري سگهن ٿا. هن بنسبت مرحوم نواب محسن الملڪ جو ڪتاب ”مسلمانون کي ترقي اور تنزل کي اسباب“ پڙهڻ جهڙو آهي.

## زميندارن جي مستري

خلف ان کي الحق اگر يان يهي هين
سلف کي اگر فاتحہ خوان يهي هين
اگر يادگار عزيزان يهي هين
اگر نسل اشراف واعيان يهي هين
تو ياد اس قدر انکي رهجائيگي يان
ڪہ اڪ قوم تهي اس نام کي يان
*(حالي)*

پائنجي ٿو تہ اڳئين زماني ۾ زميندار رڳو زميندار نہ هئا پر پنهنجي پنهنجي حد اندر حاڪم هئا. تڪرارن جو فيصلو شريعت موجب قاضي ڪندا هئا مگر رواجي انتظام سندن حوالي هوندو هو.

هو ملڪ جي حاڪم کي ڏن يا خراج ڏيندا هئا ۽ جنگ جي وقت ۾ ڪيس ماڻهن ۽ پيسن جي مدد ڪندا هئا. انهن ڏينهن ۾ اڄوڪي زماني وارو عيش عشرت بلڪل ڪو نہ هو. لانڍين ۾ رهندا هئا، تڏن يا فراسين تي وهاڻي جي ٽيڪ ڏيئي وهندا هئا. کائڻ پيئڻ نهايت سادو هوندو هون ۽ فقط ان، کير، مکڻ، ڏڌ ۽ بعضي وقتن تي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

گوشت بہ کائيندا هئا. اهي سڀ شيون ڪين پنهنجون هيون، خريد ڪرڻيون ڪين پونديون هين. ڪپڙا جوڙيءَ جا، وڏو پهرياڻ ۽ لندي ڪائنچ پهريندا هئا. جتيون موچڪيون ڪم آڻيندا هئا. ڪين شوق فقط شڪار جو هوندو هو. زنا ۽ نشي جو نالو بہ ڪونہ هو. اڄوڪي زماني جي خرچن نہ هئڻ ڪري وٽن ان جا انبار لڳا پيا هوندا هئا، جو تہ هو ان کو ورلي وڪڻندا هئا. هميشہ سندن ٻنڀي هلندي هئي ۽ آيو ويو پيو کائيندو هو، بلڪ ماڻهن کي ان بہ ورهائي ڏيندا هئا، جئين اڄ نواب غيبي خان جي ديري ۾ ڳوٺ جي ماڻهن کي هر روز ان ڏيڻ جو رواج آهي.

## زميندارن جي هاڻوڪي حالت

کلو واشربو ولا تسرفوا (قرآن مجيد
يعني کائو پيو مگر حد کان ٻاهر نہ وڃو.
طبيعت اگر لهو بازي پہ آئي
تو دولت بهت سي اسي مين لٽائي
جو کي حضرت عشق ني رهنمائي
تو کردي بهري گهر کي دم مين صفائي
پهر آخر لگي مانگني اور کهاني
يونهي مٽ گئي هزارون گهراني
عمارت کي بنياد ايسي اٿهاني
نہ نکلي کهين ملڪ مين جس کا ثاني
تماشون مين ثروت بڙون کي اڙاني
نمائش مين دولت خدا کي لٽاني
چڙهي بياه مين کرلي لاکهون کي سامان
يہ هين ان کي ارمان يہ هين ان کي خوشيان
کتاب اور معلم سي پهرتي هين بهاگي
مگر ناچ گاني مين هين سب سي آگي

هن وقت زميندار نئين روشني سان گڏ غير اسلامي عيب بہ حل ڪيا آهن.
زميندارن جو پهريون عيب آهي اسراف يعني اجايا خرچ ڪرڻ. شادين ۽ غمين، زنا ۽ نشي، زيورن ۽ عيش عشرت تي پنهنجي ملڪيت اڏائيندا ٽا وڃن. هزارين اميراڻا خاندان تباهہ ٿي ويا آهن. سنڌ جي سڀ زمين مسلمان زميندارن جي هٿ ۾ هئي. هاڻي اڌ کان وڌيڪ فقط وياجن ۾ ٻين جي قبضي ۾ اچي ويئي آهي. جيڪا بچي آهي تنهن جي پيدائش جو چڱو حصو وياجن ۾ پيو وڃي. جيڪڏهن زميندارن کي پنهنجي ڀلائي لاءِ سجاڳ ٿي اسراف کي روڪڻو آهي تہ سندن هدايت لاءِ هي خدا جو


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڪلام ڪافي آهي. ”ان المبذرين ڪانوا اخوان الشياطين“ يعني ”اجايو خرچ ڪندڙ شيطانن جا ڀائر آهن.“ زميندار جيڪڏهن آمدني ۽ خرچ جو حساب ڪتاب رکڻ جو گڻ سکن ته سندن حالت گهڻو سڌري پوي، ڪين اها ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته نه رڳو پنهنجي ملڪيت بچائٽي اٿن پر وڏائي تيٽي يا چؤٽي ڪرٽي اٿن. چو ته جيڪڏهن ساڳي ملڪيت پنهنجي اولاد لاءِ ڇڏيندا ته ٽن چئن پيڙهين بعد گهٽي اولاد ۾ ورهائجي ويندي ۽ پوءِ سندن اولاد وچي ڪڙمين جي درجي کي پهچندو.

اڳين ڏينهن ۾ پاڪ دامني هڪ رواجي خاصيت هئي. زنا ڪندڙن کي ڪميڻو ۽ رنگيلو سڏيو ويندو هو ۽ ڪيس اشرافن جي ڪچهري ۾ اچڻ کان منع هوندي هئي. نوجوانن کي رڳو پرڻجڻ لاءِ چئبو هو ته لڄ کان ڪٽي ڪنڌ هيٺ ڪندا هئا يا ڪچهري ڇڏي ويندا هئا مگر اڄ ڪلهه اهڙي حالت اچي بٽي آهي جو ڪچهرين ۾ ويهي فخر جي لهجي سان زنا جون ڳالهيون ڪيون وڃن ٿيون ۽ ٻار وڏن جون ڳالهيون ٻڌي لڄ لاهي نندي ئي هوندي اهي ڪم شروع ڪري ٿا ڏين، تندرستي خراب ٿي ٿئي، جهيڙا ۽ فساد ٿا ٿين، غريبن ۽ مسڪينن سان ظلم ٿا ٿين، حرامي ٻار پيدا ٿا ٿين، محبت مزو گهٽ ٿو ٿئي ۽ گهرن ۾ ناناهه ۽ ڪلڪل ۽ گهپي پيدا ٿي ٿئي. زنا ڪندڙ نه رڳو پرائو گهر ٿو ڦٽائي پر پنهنجو به ٿو ڦٽائي چو ته هن جي محبت پنهنجي گهر سان گهٽ ٿي وڃي ٿي ۽ اڪثر ڪري ته سندس گهر ۾ خرابي پيدا ٿي پوي ٿي. زنا منجهان اهي ۽ ٻيا ايڏا وڏا نقصان ٿا ٿين جنهن ڪري اسلام موجب زنا جي سزا اڻ پرڻيل لاءِ هڪ سؤ درا يا چهبڪ ۽ پرڻيل لاءِ پٿرن سان مارڻ آهي. ڪي زميندار بيحجاب ٿي زنا جي پٺيان ڪاهي پيا آهن. نه رڳو گهرن ۾ وچي خرابي ٿا ڪن پر زوريءَ زالن کي پنهنجي گهرن ۾ يا اوطاقن ۾ اچي ٿا هٽن يا سريتيون ٿا وهارين. ويچارا غريب ساٽن پڇي نٽا سگهن تنهنڪري يا ته اباڻو وطن ڇڏي لڏي هليا ٿا وڃن، يا ته دل ۾ پيا ٿا لڇن، يا ته غيرت ٻوڙي لڄ وڃائي ماٺ ڪيو وينا ڏسن، ۽ بعضي ته ان جي عيوض زانيءَ کان ان لاءِ پيسا وغيره پيا وٺن. ائين سچ آهي ته زنا ٻين ماڻهن ۾ به عام ٿي پيو آهي پر ان لاءِ به زميندار ڪامورا وغيره جوبدار آهن چو ته ”الناس علي دين ملوڪهم“ يعني عام ماڻهو پنهنجي بادشاهن جي روش وٺندا آهن. زميندار جيڪڏهن ڪليو ڪلايو زنا ڪن ٿا ته سندن ڀاتين ۽ پاڙيوارن ۽ ٻين جي به لڄ لهي ٿي پوي ۽ سيني لاءِ خراب مثال پيدا ڪن ٿا. اهو ئي سبب آهي جو بادشاهن ۽ حاڪمن تي قيامت جي ڏينهن ٻين ماڻهن کان گهڻو وڌيڪ جوابداهي ٿيندي چو ته سندن بد عمل ٻين ماڻهن تي گهڻو اثر پيدا ڪن ٿا.

غور سان ٿو ڏسجي ته جهڙو پنهنجي حق واري هڪ زال سان محبت رکڻ ۾ مزو آهي تهڙو ڪتن ۽ گڏهن وانگر هِت هُت گهتن هٽڻ ۾ هرگز ڪونهي. حضرت رسول مقبول ﷺ فرمايو آهي ته جنهن شخص کي لڄ ناهي ۽ بيشرم ڪمن کان پرهيز نٿو ڪري سو مسلمان سچ پچ مسلمان ڪين آهن. ٻي حديث آهي ته ايمان واري جي نشاني


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

هي آهي ته جيڪڏهن هو چڱو عمل ڪري ته ڪيس خوشي ٿئي ۽ جيڪڏهن ڪو خراب ڪم ڪائنس ٿي وڃي ته پيشيماني ٿئيس. اڄ ڪلهه ماڻهو ڪيترائي گناهه ڪن ٿا ۽ پيشيماني جي بدران خوشي ٿي ٿئين. اهي ايمان وارا ناهن - ڪافر آهن. (نعوذ با الله منها) اي مسلمانو! حضرت ﷺ جي جهندي هيٺيان اچو، زنا ۽ ٻيا گناهه بند ڪيو، ڇڪلا ختم ڪري ڇڏيو ۽ سچا مسلمان ٿيو.

ڪن زميندارن ۾ ٽيون عيب نشي جو آهي. نشي جي ڪري به هزارين زميندار فقير ٿي ويا آهن. نشي ۾ پيسو به ضايع ٿئي ته تندرستي به خراب ٿئي ۽ ڪم ڪار به نه سنڀالي سگهجن. تنهن ڪان سواءِ نشي ۾ خراب ڪم به ڪري ويهن ٿا. الله تعاليٰ قرآن شريف ۾ نشي کي گناهن ۽ خرابين جي ماءُ سڏيو آهي.

چوٿون عيب ڪيترن ئي زميندارن ۾ سندن ماڻهن ۾ اهو آهي جو ٻارن کي ننڍي هوندي پوري تعليم ۽ تربيت نٿا ڏين ۽ پاڻ ڪم ڪرڻ تي نٿا هيرائين. تنهنڪري وڏي هوندي هو رلندا ۽ موجون ماڻيندا وتندا آهن. بيڪار کان بيگار به ڀلي آهي. ڪار کان سواءِ ماڻهو بيڪار آهي. پيغمبرن سڀني به ٻارن جو پورهيو ڪيو آهي.

## زميندارن جي غريبن سان هلت

لا يرحم الله من لا يرحم الناس

يعني جيڪو ماڻهن تي رحم نٿو ڪري تنهن تي الله تعاليٰ به رحم نٿو ڪري. *(حديث)*

نه مظلوم کي آه و زاري سي ڈرنا
نه مفلوک کي حال پر رحم کرنا
هوا و هوس مين خودي سي گذرنا
تعيش مين جينا نمائش پہ مرنا
سدا خواب غفلت مين بيهوش رهنا
دم نزع تک خود فراموش رهنا
يہ پهلا سبق تها کتاب هديٰ کا
کہ هي ساري مخلوق کنبہ خدا کا
وهي دوست هي خلق دوسري کا
خلائق سي هي جس کو رشتہ ولا کا
يهي هي عبادت، يهي دين و ايمان
کہ کام آئي دنيا مين انسان کي انسان
*(حالي)*


www.sindhsalamat.com
سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

حديث ـــ ”جيڪو توهان جو ڪم ڪري تنهن کي سندس پگهر سڪڻ کان اڳي مزوري ڏيو“. اڳئي بيان ڪيو ويو آهي ته اڳوڻي وقت ۾ زميندار حاڪم هئا. پنهنجي ماڻهن کي هو اولاد وانگي پيار ڪندا هئا ۽ ماڻهو به سندن لاءِ جان قربان ڪري ڇڏيندا هئا. زميندارن جو ڪم ڪار ماڻهو خوشيءَ سان ڪندا هئا. زميندار به گهرج وقت ڪين ان وغيره مفت ڏيندا هئا. مگر هن وقت حالتون ڦري ويون آهن. زميندارن ۾ حڪومت جو نشو ۽ غريبن کان ڪم وٺڻ جو رواج اهو ئي هليو اچي، مگر غريبن کي مدد ڏيڻ ته پنهنجي ماڳ، اٽلندو مٿن ظلم ٿا ڪن. هن وقت ماڻهو زميندارن جي رعيت ناهن، تنهن ڪري زوريءَ ڪانئن ڪم وٺڻ ظلم آهي. يا مزوري ڏيڻ گهرجي يا قرب ۽ محبت سان ڪم وٺجي ۽ ان جي عيوض وقت سر انهن جي مدد به ڪجي. مگر ارمان جي ڳالهه آهي ته ڪي زميندار اجاين خرچن سبب تنگدست ٿي پوءِ غريبن کي ڦري پنهنجي پورائي ٿا ڪن، غريبن سان ظلم ڪرڻ تي سندرو ٻڌي بيٺا آهن. پوليس ۽ ٻين ڪامورن سان رسائي ڪري اهڙو زور وٺي ويا آهن جو بنا ڊپ ۽ خطري جي ماڻهن جون چوريون ٿا ڪرائين، ڪليو ڪلايو ڪين مارون ٿا ڏيارين، سندن زالون ڪڍي ٿا وڃن، مٿن بدمعاشي جو يا ٻيو ڪيس ڪرائي جيل ٿا ڏيارين، ۽ ملڪيتون ڦري ٿا وٺن. ٻن ڄڻن کي ملڪيت تي ويڙهائي هڪ جو طرف وٺي وڏو حصو ان ملڪيت جو پنهنجي قبضي ۾ ٿا آڻين. غريبن جي ٻنين جو پاڻي روڪي يا رات جو فصل چوريءَ لٽارائي انهن کي مجبور ڪري سندن ٻنيون ٿوريءَ قيمت تي پاڻ خريد ٿا ڪن. جيڪڏهن واهن ۽ ڪڙين ۾ پاڻي گهٽ ٿو اچي ته سڀ پاڻي پنهنجي ڪم آڻي غريبن جي پوک سڪائي ٿا ڇڏين. ڪي زميندار رشوت به خوب ٿا وٺن. ڪي ٻه ٻه ماڻهو تڪرار ٿا ڪن ته هڪ کان رشوت وٺي ان جي فائدي ۾ فيصلو ٿا ڪن يا ان کي ٻي طرح مدد ٿا ڪن. ڪامورن ۾ رشوت ۽ رسائي جي رواج هئڻ ڪري غريبن کي انصاف ڪو نه ٿو ملي مطلب ته جان، مال ۽ عزت جي سلامتي گهٽي قدر هلي ويئي آهي.

اهڙن زميندارن جي هدايت لاءِ ڇا چئجي؟ ڪين خبر هوندي ته سڀ کان وڏو گناهه ظلم آهي. ظالم هرگز بهشت ۾ نه ويندو. حديث شريف ۾ آهي ته الله تعاليٰ انهيءَ تي رحم نٿو ڪري جو ٻين تي رحم نٿو ڪري. ٻي حديث شريف ۾ آهي ته سڀ کان چڱو انسان اهو آهي جو ٻين کي فائدي پهچائي. ڪهڙي نه ارمان بلڪ شرم جي ڳالهه آهي جو جن کي الله تبارڪ وتعاليٰ زمين ۽ دولت ڏني آهي سي سندس شڪر نٿا ڪن ۽ گناهن ۽ ڪوڙين عزتن واسطي انهن مسڪينن کي ستائين ٿا جي ويچارا رات ڏينهن پگهر جو پورهيو ڪري مس ٿا پيٽ قوت ڪمائين.

اسان مٿي زميندار طبقي تي سخت نقط چيني ڪئي آهي. پر اسان ڪين يقين ٿا ڏيون ته اها نقط چيني خالص نيت سان سندن ئي چڱائي ۽ ترقيءَ لاءِ ڪيل آهي. اهو


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

خيال ڪرڻ تہ سرڪار هن مضمون جي ڪري زميندارن ڏانهن بدگمان ٿيندي، يا هندن ڪي ۽ هندو اخبارن کي سند هٿ اچي ويندي سو رڳو اجايو وهم آهي. در حقيقت حق لڪائڻ ۾ پنهنجو ئي نقصان آهي ۽ حق ظاهر ڪرڻ ۾ پنهنجو ئي فائدو آهي. حق ۽ باطل هونئن ئي معلوم آهي لڪل بلڪل ڪونهي. پر پنهنجا عيب پاڻ قبول ڪرڻ ۾ ترقيءَ جو وڏو راز رکيل آهي. خدا تعاليٰ جي مهرباني سان هن وقت تہ زميندار طبقي ۾ ڪجھ سجاڳي بہ آهي. اسان ائين ڪو نہ چيو آهي تہ سڀ زميندار خراب آهن. سرڪار نامدار هن مضمون جي ڪري سيني زميندارن کي ميڙي سيڙي ڪاٺ ۾ ڪين وجهندي، يا سڪن گڏ ساوا بہ جلائي ڇڏيندي. هندن کي اهو بہ خيال رکڻ گهرجي تہ متيان عيب رڳو مسلمان زميندارن ۾ آهن ۽ هندو زميندار صاف ۽ پاڪ آهن. ازان سواءِ ائين ناهي تہ رڳو زميندار فرقو عيبدار آهي ۽ ٻيا سڀ فرقا سڌريل آهن. اسان ايندڙ مضمونن ۾ ٻين فرقن جا عيب پڻ کولي ظاهر ڪنداسين. مگر ان مان زميندار صاحبن کي اهو خيال ڪرڻ نہ گهرجي تہ ٻيا فرقا بہ اسان جهڙا آهن تنهن ڪري اسان ڇو پنهنجي سڌاري جو خيال ڪريون. ٻيا جيڪڏهن گنهگار هوندا تہ پاڻ گناهن جي سزا ڪان ڇڏي وينداسين ڇا، يا ٻيا کوه ۾ ٽپو ڏيئي غوطا کائي مرن تہ پاڻ بہ ائين ڪيون ڇا؟ زميندار صاحبن کي اسان جو عرض آهي تہ اول پاڻ پنهنجي سڌاري جو قدم کڻن ڇو تہ قوم خواه ملڪ ۽ مذهب جي سڌاري ۽ ترقيءَ جو مدار مٿن ئي آهي. ڇو نہ هر هڪ ضلع ۾ زميندار انجمن قائم ڪجي جنهن جون ميٽنگون تعلقي بورڊ ۽ ضلع بورڊ جي ميٽنگن جي موقعن تي بنا خرچ ڪري سگهجن. انهن ميٽنگن ۾ زميندارن جي اصلاح ۽ ترقيءَ لاءِ سندن حقن حقوقن خواه سندن فرضن ۽ جوابدارين بہ نسبت ٺهراءَ پاس ڪرڻ گهرجن.

## زميندارن ۽ ڪامورن جا تعلقات

خوشامد مين هم کو وه قدرت هي حاصل
کہ انسان کو هر طرح کرتي هين مائل
روايات پر حاشيہ اک چڑهانا
قسم جهوٹي وعدون پہ سو بار کهانا

زميندارن کي الله تبارڪ وتعاليٰ زمين ۽ جهجي دولت بخشي آهي. جيڪڏهن ڪين علم ۽ اخلاق بہ هجن تہ ننڍا ڪامورا تہ ڇڏيو پر ڪمشنر ۽ گورنر بہ ڪين هڪ جهڙو بلڪ وڏيڪ ڪري ڏسن. ڪمشنر ۽ گورنر پگهار دار نوڪر آهن، سندن آمدني وڏن زميندارن جي پيدائش ڪان ڪان گهٽ آهي. زميندارن ۾ جيڪڏهن علم ۽ آزاد طبيعت هجي تہ اهي ڪامورا انتظام وغيره رکڻ لاءِ سندن محتاج ٿين. مگر علم ۽ آزادگي ۽ نيڪ اخلاقن نہ هئڻ ڪري زميندارن جي حالت کهڙي نہ افسوس ناڪ آهي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

جو پنهنجي عزت رکڻ بدران پٽيوالن ۽ منشين جي اڳيان به سر جهڪائي زاريون نيزاريون ٿا ڪن، ۽ رسايون ڪري، رشوتون ڏيئي ڪامورن کي ڪاري پاڻ کي ۽ غريبن کي برباد پيا ڪن. حضرت رسول مقبول ﷺ جن فرمايو آهي ته الله تعاليٰ رشوت ڏيندڙ خواهه وٺندڙ تي لعنت ٿو ڪري. زميندار اهو عذر ڏيندا آهن ته جيڪڏهن رسائي نٿا ڪريون ۽ رشوتون نٿا ڏيون ته ڪامورا اسان کي نقصان ٿا رسائين، ۽ اسان جا ڪم ڪاريون نٿا ڪن.

اها ڳالهه سچي آهي، پر انهيءَ ۾ سندن ئي ڏوهه آهي جو شروعات ۾ پاڻ ڪامورن کي ڪاريو اٿن. سنڌ کان ٻاهر رسائي بلڪل ڪانهي، بلڪ رشوت به تمام گهٽ آهي. اتي ڪڏهن ته ائين به ٿيندو آهي ته جنهن زمين ۾ ڪو ڪامورو تنبو هڻي منزل ڪندو آهي تنهنجو جو مالڪ ان جي مسواڙ گهرندو آهي. سنڌ جي زميندارن کي سرڪاري عزتن جي لالچ گهڻو خراب ڪيو آهي. هڪ ٻئي کان مٿي ٿيڻ لاءِ پنهنجو مال لٽائي ٿا ڇڏين. سنڌ کان ٻاهر ڪرسيءَ جو رواج ئي ڪونهي. جيڪو ماڻهو عزت وارو هوندو آهي تنهن کي ازخود ڪامورا ڪرسيءَ تي ويهاريندا آهن، يا اهو پاڻ بي ڊپو ٿي ڪرسيءَ تي ويهي رهندو آهي. ڪرسين وٺڻ ۽ رساين ڪرڻ سان زميندار بيشڪ فائدا وٺن ٿا، پر اهي فائدا هونئن به وٺي سگهجن ٿا جيڪڏهن اهي رواج بند ڪجن. پر ڪي فائدا ته اهڙا ٿا وٺن جن جي ڪري ٻين سان بي انصافي يا ظلم ٿو ٿئي. هڪڙو وڏو ظلم ته اهڙو ٿيندو آهي جنهن جو احساس نه سرڪار کي نه فائدو وٺندڙ زميندار کي ۽ نه وري مظلومن کي هوندو آهي. اهو هي آهي ته ڪن زميندارن کي سرڪار زمين مفت ۾ ڏيندي آهي ۽ ان کي ان زمين لاءِ پاڻي پڻ ملندو آهي. مگر سرڪار اها خبر ڪا نه رکندي آهي ته اهو پاڻي گهرج کان وڌيڪ آهي يا ان پاڻي جي ڏيڻ ڪري واهن جي پڇڙي وارن زميندارن جو خانو خراب ٿيندو. ظاهر ظهور پيو ڏسجي ته پڇڙي وارا زميندار ۽ هاري دربدر ٿي تباهه ٿي ويا آهن. مٿين زميندارن کي پاڻي ڏيڻ آهي هيٺين زميندارن کان زمين کسڻ.

زميندارن ۽ باعزت ماڻهن جو فرض آهي ته ڪامورن کي انتظام رکڻ، انصاف ڪرڻ ۽ ٻين چڱن ڪمن ۾ مدد ڪن ۽ ان جي عيوض ڀلي لقب وٺن ۽ جائز فائدا حاصل ڪن، مگر رساين ۽ رشوتن جي وسيلي نه.

هن وقت رسائي ۽ رشوت بند ڪرڻ بيشڪ زميندارن کي ڏکي لڳندي ۽ تڪليف سهڻي پوندي، پر تڪليفن سهڻ کان سواءِ دنيا ۾ ڪو به سڌارو ٿي نٿو سگهي. تڪليف به ڪا گهڻي ته ڪانه ٿيندي. نڪي سندن زمين کسجي ويندي، نڪي سندن پيدائش رڪجي پوندي. سڌارن ڪرڻ لاءِ ماڻهو جيلن ۾ به ويندا آهن، بلڪ ملڪيتون ۽ جانيون به قربان ڪندا آهن. رسائي ۽ رشوت نه ڏيڻ ۾ ته تمام ٿورڙي تڪليف درپيش ايندي. اهو خيال ڪرڻ نه گهرجي ته پيا به ٻڌي ڪري بند ڪن ته مان به


www.sindhsalamat.com



Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

ڪيان. ائين دنيا ۾ ڪڏهن به سڌارو ڪو نه ٿيندو آهي. جنهن ڪي خدا همت ڏئي سو هڪدم شروع ڪري ڏئي. پاڻهي ٻين کي به ريس ايندي ۽ جلد ئي اهو لعنتي رواج به بند ٿي ويندو. پوءِ ڪامورا به مجبورن انصاف ڪري سڀ ڪنهن جو ڪم خوشيءَ سان بنا رشوت جي ڪري ڏيندا.

## زميندار ليڊر ٿيڻ گهرجن

الناس علیٰ دین ملوکھم

يعني ماڻهو پنهن جن حاڪمن جي روش تا وٺن يعني انهن جي پيروي تا ڪن. *(حديث)*

ثُمَّ لَتُسْـَٔلُنَّ يَوْمَئِذٍ عَنِ النَّعِيْمِ ۝٨

پوءِ انهيءَ ڏينهن توهان کان توهان جي دولت به نسبت پڇا ٿيندي. *(قرآن مجيد)*

زميندارن کي دولت هئڻ ڪري فرصت گهڻي آهي ۽ پنهنجي حد اندر هنن جي دسترسي به گهڻي آهي. تنهن ڪري قوم جا ليڊر زميندار هئڻ گهرجن. قيامت جي ڏينهن دولت ۽ حڪومت وارن کان وڌو پڇاڻو ٿيڻو آهي ته اهي خدا جون نعمتون اوهان ڪيئن ڪم آنديون. هڪ حديث شريف ۾ آهي ته سڀ کان چڱا انسان آهن عالم ۽ عادل بادشاه ۽ سڀ کان خراب انسان آهن، جاهل ۽ ظالم بادشاهه. زميندار به ڪجهه قدر بادشاه آهن، تنهن ڪري مٿن به اوتري قدر جوابداري آهي. اها جوابداري الله تعاليٰ هن ڪري رکي آهي جو اهڙا حيثيت وارا ماڻهو جيڪڏهن چڱا آهن ته ٻيءَ خلق تي به چڱو اثر ٿو پوي ۽ جيڪڏهن خراب آهن ته ٻي خلق به ڪري خراب ٿي ٿئي، گويا ٻي خلق جي گناهن جو بار به گهڻو انهن تي ٿو پوي. ازان سواءِ دولت ۽ حڪومت جهڙين ٻي بها نعمتن جي عيوض مٿن اهو ڪم رکيل آهي ته هو قوم جي بهتري ۽ ترقي لاءِ هر طرح ڪوشش ڪن. شيخ سعدي ﷫ ڪهڙو نه سهڻو چيو آهي.

**الاتا بغفلت نخسپي کہ نوم - حرامست بر چشم سالار قوم**

يعني خبردار متان غفلت ڪري سمهيو آهين، جو قوم جي سردار جي اک تي ننڊ حرام آهي.

هن وقت جيڪي بزرگ بوردن، ميونسپالٽين ۽ ڪائونسلن لاءِ چونڊيا وڃن ٿا، سي گهڻو ڪري انهي خيال سان ڪون ٿا چونڊيا وڃن ته اهي قوم جا بهترين خيرخواه آهن. پر رڳو سندن دنيائي پوزيشن ۽ دولت ۽ ڪوشش جي ڪري چونڊيا ٿا وڃن. هو صاحب به سڀ ڪنهن قسم جا زوربار وجهي دولت خرچي ميمبر ٿين ٿا ته انهيءَ لاءِ نه ته قوم جي ڪا خدمت ڪيون، پر انهيءَ لاءِ ته اسان جو شان شوڪت وڌي ۽ ذاتي مقصدن ۾ ڪامياب ٿيون. پوءِ جڏهن هو ميمبر ٿا ٿين تڏهن پنهنجن مددگارن جي ڏاڍي ڪاڻ ٿا ڪڍن ۽ سندن واجبي خواه غير واجبي مطالبو قبول ٿا ڪن ۽ انصاف جو


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

خون ڪري انتظام خراب ٿا ڪن ۽ قوم جي ڀلي ڪرڻ بدران قوم ڪي تباھ ٿا ڪن. اھا ليڊري ناھي. ليڊرن ڪي گھرجي تہ قوم ڪي تنظيم ھيٺ آڻين ۽ ڪين ترقي جا وسيلا ميسر ڪري ڏين.

جيڪڏھن اسان جا زميندار علم پڙھي اخلاق سڌاري سادگي ۽ محنت جا گڻ حاصل ڪري، قوم جي بھتري جا ڪم ڪن تہ ڪيڏو نہ سندن دنيا ۾ شان ۽ آخرت ۾ اجر جو باعث ٿئي. دنيا ۾ سرڪار خواہ قوم مٿن جيڪر قربان ٿئي ۽ سڀ اختياريون جيڪر ڪين ملن. اي زميندار صاحبو! خدا جي نالي خدا جو ڪلام پڙھو، ان تي عمل ڪريو ۽ اسان جي ڪريل قوم ڪي سڌاري اسان جا سچا سردار ۽ سالار بڻجو. ڇو تہ غفلت، سستي ۽ عيش پرستيءَ ۾ غلطان ٿي پنھنجي ملڪيت ۽ عزت ٿا وڃايو.

سيني ڪان چڱو انسان اھو آھي جو ٻين ڪي فائدا پھچائي. اھڙو ماڻھو لکن رواجي ماڻھن ڪان بھتر آھي. پر جو ماڻھو رڳو پاڻ ڪي سڌاري ۽ ٻئي ڪنھن جو فائدو يا نقصان نہ ڪري سو بہ اڄوڪي زماني ۾ تہ غنيمت آھي. پر جو شخص ٻين ڪي نقصان پھچائي سو شيطان آھي ۽ ان جو نہ ھئڻ، ھئڻ ڪان صد بار بھتر آھي.

## ڪامورا

سمجھتي ھين شائستہ جو آپ کو يان
ھين آزادي راي پر جو کہ نازان
چلن پر ھين جو قوم کي اپني خندان
مسلمان ھين سب جن کي نزديک نادان
جو ڍھونڍھو گي يارون کي ھمدرد ان مين
تو نکلين گي تھوڙي جوانمرد انمين
نہ رنج ان کي افلاس کا ان کا اصلا
نہ فکر ان کي تعليم اور تربيت کا
نہ کوشش کي ھمت نہ ديني کو پيسا
اوڙانا مگر مثت اک اک کا خاکا
کھين ان کي پوشاک پر طعن کرنا
کھين ان کي خوراک پر نام دھرنا

ڪامورا پاڻ ڪي سڌريل سمجھي زميندارن ڪي نصحيتون ڏيندا آھن ۽ ٻين غريبن ڪي ڄٽ وغيرہ ڪوٺيندا آھن. مينھن پنھنجي ڪاراڻ ڪين ڏسندي آھي. ڪانئن ڪو پيچي تہ پاڻ جا ۾ سڌريل آھن. ڪالر نيڪ ٽاءِ ۽ بوٽ سوٽ ۾ يا اخلاقن ۾. ويچارا غريب تہ ٿيا اڻ پڙھيل، پر پاڻ تعليم ھوندي بہ کھڙيون خوبيون ۽ ڪماليتون پرايون اٿن. خدا جي بندن ڪي گاريون ڏيڻ ۽ ڪين نفرت سان ڏسڻ اھو آھي سندن


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

تعليم جو نتيجو. آفيسن ۾ پبلڪ جي پيسن مان پگهار ڪائيندڙ منشي وڃي ڏسو ته ڪيئن نه پبلڪ لاءِ نمڪ حلالي سان نوڪري ڏيئي رهيا آهن ۽ ڪيئن نه سفيد ريش معزز بزرگن ڪي جي اخلاقن ۾ شايد ڪانئن صد بار بهتر هجن اهڙو بي عزت ٿا ڪن جو ڏسي دل سهي نه ٿي سگهي. پر سڀ کان وڏي ڳالھ هيءَ آهي ته ڪامورا رشوتن تي سندرو ٻڌي پبلڪ کي ناس ڪري پاڻ تي خدا جي لعنت وسائي رهيا آهن. رشوت ظلم جو بنياد آهي. جيڪڏهن رشوت ڪا نه هجي ته ڪو به شاهوڪار ڪنهن به غريب تي ڪوڏيءَ جيترو ظلم به نه ڪري سگهي، تنهن ڪري رشوت وٺندڙ ڪامورا پنهنجي ملڪ ۽ قوم کي ظلم جي باھ سان ساڙي اجڙ ڪري رهيا آهن. زميندارن وانگر هو به اهو عذر ڏيندا آهن ته اسان ڇا ڪريون، پگهار ٿورو آهي ۽ رشوت کان سواءِ پورت ڪا نه ٿي پوي. اهو بهانو بلڪل بيهودو آهي. در حقيقت رشوتن جي ڪري سادگي ڇڏي پنهنجا خرچ پاڻ وڌائي ڇڏيا اٿن. پر جي ڪٽي قبول به ڪجي ته پگهارون گهٽ آهن ته انهيءَ جو علاج هي آهي ته نوڪريون نه ڪن، وڃي ڪو ٻيو ڌنڌو اختيار ڪن. سرڪار کي ماڻهو نه ملي سگهندا ته مجبورن پگهارون وڌائيندي. جيڪي ظلم ڪامورا خصوصن پوليس وارا رعيت سان ڪري رهيا آهن تن جو بيان ڪرڻ اجايو آهي سڀ ڪنهن ننڍي خواه وڏي کي خبر آهي. سرڪار جيڪڏهن سجاڳ نه ٿيندي ته اهي ڪامورا ٿورڙن سالن ۾ انقلاب پيدا ڪري وجهندا.

ڪامورا ٻيءَ طرح به پنهنجي ملڪ کي تباھ ڪري رهيا آهن. رشوتن ۽ رساين جي ڪري عاليشان بنگلا، قيمتي فرنيچر، نفيس پوشاڪون، لذيذ غذائون ۽ هر طرح جا عيش عشرت جا اسباق مهيا ڪن ٿا. سنڌ جي ڪامورن هر طرح فئيشن کي چوٽ چاڙهي ڇڏيو آهي. زميندارن خواه ٻين کي سندن نقل ڪرڻو ٿو پوي. انهي ڪري سنڌ ۾ گهڻن ماڻهن جي پورت ڪانه ٿي پوي ۽ مصيبتن پٺيان مصيبتون سهٽيون ٿيون پون.

## گارين جو رواج

اِنَّ اللّٰهَ يَأْمُرُ بِالْعَدْلِ وَالْاِحْسَانِ وَاِيْتَآءِ ذِي الْقُرْبٰى وَيَنْهٰى عَنِ الْفَحْشَآءِ وَالْمُنْكَرِ وَالْبَغْيِ ۚ

يعني تحقيق الله تعاليٰ عدل احسان ۽ مائٽن سان ڀلائي ڪرڻ ڪرڻ جو حڪم ٿو ڪري ۽ فاحش لفظن ۽ گناهن ۽ فسادن کان منع ٿو ڪري.

*(قرآن مجيد)*

وَلَا تَقْرَبُوا الْفَوَاحِشَ

يعني فاحش ڳالهين جي ويجهو ئي نه وڃو. *(قرآن مجيد)*

گارين جو رواج اگرچہ سيڪنهن فرقي ۾ عام آهي پر زميندار ۽ ڪامورا جو


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

غريبن کي بي سبب يا ٿوري گهٽي ڳالهه تي گاريون ڏيندا آهن بلڪ نالو وٺي سڏ ڪرڻ بدران گار جي لفظ سان سڏ ڪندا آهن، تنهن ڪري گارين ڏيڻ جي رواج بنسبت هت ڪجهه لکجي ٿو.

اڳئين زماني ۾ گاريون رڳو ڪميڻا، بدمعاش ۽ لفنگا ڏيندا هئا. اڄ ڪلهه وڏا وڏا معتبر زميندار ۽ عاليشان آفيسر گارين کي پنهنجي اخلاقن جو سينگار ۽ حڪومت جو دٻدٻو سمجهي رهيا آهن. هو پائين ٿا ته غريب ماڻهو نفرت جي لائق آهن، حالانڪ نفرت جي لائق اهي آهن جيڪي خدا جي بندن کي نفرت جي لائق سمجهن ٿا. قرآن ۽ حديث مان ثابت آهي ته وڏيڪ عزت جو لائق اهو شخص آهي جو تقويٰ يعني پرهيزگاري ۾ زياده هجي، نه دولت ۽ حڪومت ۾. تنهن ڪان سواءِ زميندار ۽ ڪامورا شايد ائين ٿا سمجهن ته گارين ڪان سواءِ چٽن کي باز نٽو آڻي سگهجي ۽ نوڪرن کي ضابطي هيٺ رکي نٽو سگهجي. در حقيقت سنڌن روش پوري ۽ انصاف واري هجي ته گارين سان باز آڻڻ يا ضابطي هيٺ رکڻ جو بلڪل ضرور ڪو نه ٿئي. مثلن يورپي ماڻهو ڏسو ته پنهنجي نوڪرن کي ڪڏهن ڪو ورلي گاريون ڏيندا آهن ۽ گهٽي ۾ گهٽو گڏهه يا بيوقوف جو لفظ ڪم آڻيندا آهن. اهڙا ديسي ماڻهو به ڪيترائي آهن جي ڪڏهن به نوڪرن کي بد لفظ نه ڳالهائيندا آهن، تڏهن به سنڌن نوڪر بلڪل چڱي طرح سنڌن نوڪري ڏيندا آهن.

گارين جو رواج ايترو عام آهي جو بنا سبب ڏي، ماءُ، ڏيڳي، گهوڙي، ڪتي، ٻلي، ڪانو، ڪبر ۽ تڪر پتر کي به گارين جو نڪاءُ پيو پوي ۽ نياڻين ۽ ٻارن جي روبرو بي حجاب غليظ ڪان غليظ الفاظ ۽ مخصوص عضون جا بد ترين نالا وڏي واڪي ورتا وڃن ٿا. گارين مان نقصان بي شمار آهن. هڪ ته جنهن کي گار ڏجي ٿي تنهن جي دل کي سخت صدمو رسي ٿو، پر جيڪڏهن غريب ماڻهو مجبورن صبر سان گاريون سهن ٿا ته آخر ڪند تي پنهنجي عزت رکڻ جڏي ڏيندا آهن ۽ گارين ڪان نه ڊڄي جئين وٽندڙ اتن تئين بيهودا ڪم ڪندا آهن. ٻيو نقصان گارين مان هي آهي جو ٻار ننڍي هوندي ڪان ڪچيون گاريون ٻڌي لڄ لاهي پاڻ به نه رڳو گاريون ڏيڻ سکندا آهن پر ننڍي هوندي ڪان ئي بد پيشه ڪرڻ لڳندا آهن. تنهن ڪري گارين مان زنا ۽ لونڊي بازي وغيره جي ڪثرت پيدا ٿي ٿئي. ٽيون نقصان هي آهي ته اڪثر جهيڙا جنگيون ۽ خونريزيون گار مان پيدا ٿينديون آهن. جڏهن به ڇٽا پاڻ ۾ ڪو تڪرار ڪندا آهن ته جهيڙو تڏهن مچندو آهي ۽ وڙهڻ تي نوبت تڏهن ايندي آهي جڏهن انهن مان ڪو هڪڙو وات مان بد لفظ ڪيندو آهي. جي ڪو به بد لفظ نه ڪڍي ته جيڪر خرابي بلڪل ڪا نه ٿئي. حديث شريف ۾ آهي ته گار ڏيڻ الله تعاليٰ جي نافرماني آهي ۽ گار ڏيڻ منافقن جي چئن نشانين مان هڪڙي نشاني آهي.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

## پير سڳورا

بهت لوگ پيرون کي اولاد بن کر
نهين ذات والا مين کڇھ جن کي جوهر
بڙا فخر هي جن کو لي دي کي اس پر
ک تهي ان کي اسلاف مقبول دارو
ڪرشمي هين جا جا کي جهوٽي دکهاتي
مريدون کو هين لوٽتي اور کهاتي
*(حالي)*

ڪل مؤمن اخوان، يعني سڀ مؤمن ڀائر آهن. *(قرآن مجيد)*

جيڪو پنهن جي واسطي يا ٻين جي واسطي ڏنڊو نٽو ڪري تنهن کي الله تعاليٰ وٽان اجر ڪو نہ ملندو. *(حديث شريف)*

پيرن عالمن خواه اميرن جي تصوير مولانا حالي جي مسدس ۾ نهايت سهڻي طرح نڪتل آهي. مگر هت خاص طرح سنڌ جي پيرن جي حالت مختصر طور بيان ڪرڻي آهي.

ڀائنجي ٿو تہ در اصل پيرن جو فرقو هن طرح ٿهيو جو ڪنهن عالم ۽ نيڪ شخص کي قوم جي بگڙندڙ حالت ۽ خرابيون ڏسي دل ۾ درد پيدا ٿيو ۽ جوش جهلي نہ سگهيو. تنهن ڪري هر هنڌ وڃي محض خدا جي واسطي وعظ تقريرون ڪرڻ لڳو، جئين هن وقت ملڪي ليڊر ميٽينگون ڪري تقريرون ڪندا آهن. در حقيقت نيڪ عالمن تي قرآن شريف ۽ حديثن موجب فرض آهي تہ امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر ڪن يعني نيڪ ڪمن جي ترغيب ۽ بد ڪمن کان پرهيز بہ نسبت وعظ ڪندا رهن. ماڻهن کي اهڙن عالمن جو وعظ ۽ اخلاق پسند آيا هوندا ۽ ڪين دعوتون ڏيئي پنهنجي پنهنجي ڳوٺ ۾ وعظ ڪرڻ لاءِ وٺي ويا هوندا. هنن کي نڪي نوڪر هوندا نڪي اٺ گهوڙا. سندن ڪائڻ پيئڻ تمام سادو هوندو. تنهن ڪري هنن کي ماني ڪارائڻ رواجي مهمان نوازي جو ڪم هوندو. بعضي ائين بہ ٿيو هوندو جو وعظن واسطي هيڏي هوڏي وڃڻ ڪري سندن اهل عيال جو گذران تنگ ٿي پيو هوندو، تنهن ڪري ڪن دولتمندن خدا ترس شخصن گهرج سارو ٿورو نقد ڪين ڏنو هوندو مگر جڏهن وعظ ڪرڻ ڇڏي ڏنو هونداڻون تہ دعوت ڏيئي گهرائڻ يا پيسن جي مدد ڏيڻ بہ بند ٿي ويئي هوندي. يا جيڪڏهن اهي بزرگ فوت ٿيا هوندا تہ سندن اولاد رواجي طور ڪو نہ ڪو ڏنڊو ڪري پيٽ قوت ڪيو هوندو هو. مگر پوءِ جڏهن مسلمان جاهل ٿيندا ويا تڏهن بنا سبب ڪنهن شخص ۾ اجايا عقيدا رکي ڪيس دعوتون ۽ نذرانا ڏيڻ لڳا ۽ سندس وفات کان پوءِ سندس پٽ ۾ اگرچہ بي علم ۽ بدڪار هوندو، ساڳيو عقيدو رکي ڪيس بہ دعوتون ۽ نذرانا ڏيندا آيا: اهڙيءَ طرح پيرن جو فرقو ٺهي پيو.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

هاڻوڪا پير اڪثر ڪري نڪي عالم آهن، نڪي منجهن اخلاقي ڪماليتون آهن. ڪي تہ سخت جاهل ۽ سخت بدڪار ظالم بہ آهن. پيءُ تو مري تہ پٽ کي پير تو سمجهيو وڃي. ويچارن جاهل ماڻهن جو عقيدو آهي تہ هو اگرچہ بدڪار هجن تہ بہ وڏن جي برڪت سان ڪرامت جا مالڪ آهن، اسان جون مرادون پوريون ڪري سگهن ٿا، مشڪل وقت ۾، هڪل ۾ حامي ٿين ٿا ۽ قيامت جي ڏينهن سندن وسيلي اسان جو ڇوٽڪارو ٿيندو. گهڻا جاهل تہ منجهن ڪفر جا اعتقاد بہ ٿا رکن. پير ۽ پيرن جا فقير بہ اهڙا مڪر ۽ تجويزون اختيار ٿا ڪن جو ويچارن بي علم ماڻهن کي ڦندن ۾ ڦاسائي ڇڏيو اٿن. ماڻهو رڳو ايترو خيال بہ نہ ٿا ڪن تہ جيڪڏهن وڏن جي برڪت سان ولي ٿي ٿو سگهي تڏهن تہ سيني کان وڏا ولي سيد هئڻ گهرجن ڇو تہ هو حضرت محمدﷺ جا ڏوهٽا ۽ حضرت علي رضي الله عنه جا پوٽا آهن. بلڪ اسين سڀ نبين جو اولاد آهيون نہ تہ بہ حضرت آدم ۽ حضرت نوح عليہ السلام جو اولاد تہ ضرور آهيون. در حقيقت شرافت يا ولايت نسبت تي منحصر نہ آهي پر حسب تي. شاهہ صاحب فرمايو آهي تہ ”ذات نہ آهي ذات تي جو وهي سولهي.“ قرآن شريف ۽ حديثن ۾ بہ اها ڳالهہ سورهن آنا ثابت آهي تہ ڀلارو شخص اهو آهي جو قرآن شريف ۽ حديثون چڱي طرح ڄاڻي ۽ انهن تي اهڙيءَ طرح عمل ڪري جهڙيءَ طرح حضرت جن ﷺ ۽ اصحابن سڀني عمل ڪيو ۽ خدا جي خلق واسطي فائدي جا ڪم ڪري ڏيکاريا. قرآن مجيد ۾ آيت سڳوري آهي تہ:- **ان اڪرمڪم عند الله اتقا ڪم** يعني الله تعاليٰ وٽ اوهان مان وڏيڪ عزت جو لائق اهو آهي جو تقويٰ ۾ زياده آهي. ماڻهو انهن پيرن جا مريد رڳو انهن مقصدن لاءِ ٿين ٿا جي مٿي ڄاڻايا ويا آهن، نہ انهيءَ لاءِ تہ انهن کان اسلام سکون ۽ انهن جي صحبت جي اثر سان پنهنجا اخلاق ۽ عمل سڌاريون. بلڪ اڄ ڪلهہ تہ دنيوي مقصدن لاءِ بہ زور وارن پيرن جا پير مهٽيا وڃن ٿا.

پيرن کي بہ لڳي ويا آهن مزا سو ڀلن گهوڙن تي چڙهي عمدا وڳا پهري ڍڌهن ٻارهن بلڪ وڌيڪ فقيرن ۽ مريدن سان گهنڊ وڄارائيندا يا مولود چورائيندا وڏي تجمل سان شاهوڪارن خواهہ مسڪينن کي لٽيندا ڪائيندا وتن. ڪچهريءَ ۾ سندن فقير ڇا پيا چوندا تہ تازو ڪالهہ هڪڙي ماڻهوءَ پير صاحب جي ڳالهہ نہ مڃي سو اتي جو اتي اڇي دست ڇٽڪيس. پير صاحب وري مڪر ڪري چوندو تہ اسان کي ڪهڙي طاقت آهي، سڀ ڪجهہ الله تعاليٰ ٿو ڪري. گهڻا پير بنا دعوت جي بلڪل مسڪين مريدن وٽ لهي سندن جهڳو ناس ٿا ڪن، ۽ مڪرن ۽ حيلن سان بلڪ ڌمڪين سان ڪانئن ساليانہ ڏن ٿا اڳاڙن. مطلب تہ غريبن کي ڦري هزارين رپيا گڏ ڪري محلاتون اڏائي، زمينون خريد ڪري عيش عشرت ۾ موجون پيا ماڻين. شادين ۽ غمين جي وڏن خرچن لاءِ وري جدا اوڳڙ ڪندا آهن. ڪچهريءَ ۾ حضرت رسول ﷺ جي سنت جي برخلاف پاڻ وهن کٽ تي ۽ ٻيا وهن پٽ تي. حضرت ﷺ جن نہ رڳو ٻين سان گڏ پٽ


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

تي وهندا هئا، پر عام ماڻهن وانگر ڪم ڪار بہ ڪندا هئا. سندن پوشاڪ نهايت سادي هوندي هئي. ماني تہ ڪو ورلي ڏؤ ڪري کائيندا هئا. اڪثر ڪارڪون ڪائي پاڻي پي ڇڏيندا هئا. در حقيقت جي شخص پيرن جي اڳيان پٽ تي وهن ٿا تن مان گهڻو ڪانئن بهتر آهن. ڇو تہ هو ڪو نہ ڪو ڌنڌو ڪري گذران ٿا ڪن، مگر پير ناحق ٻين کي ڦريندا ٿا وتن. حديث شريف ۾ آهي تہ مٿيون هٿ (يعني ڏيڻ وارو) هيٺين هٿ (يعني وٺڻ واري) کان افضل آهي. انهيءَ مان ثابت ٿيو تہ پير جي ٻين کان ماني ۽ پيسا وٺندا ٿا وتن سي ٻين کان گهٽ آهن. هاڻ! جيڪڏهن اصحابن سڳورن واري روش وٺن ۽ انتهائي سادگي اختيار ڪن ۽ امر بالمعروف ۽ نهي المنڪر جي ڪم ۾ سڄو وقت صرف ڪن تہ پوءِ ضرورت موافق دولتمند ماڻهن کان ڀلي دعوت ۽ هديہ قبول ڪن.

هڪڙو خراب رواج هي بہ عام آهي جو شريعت جي خلاف ماڻهو پيرن کي گهرن ۾ زالن وٽ وٺي ويندا آهن. پيرن کي بہ انهيءَ مان ڏاڍو مزو ايندو آهي. (نعوذ بالله منها) پيرين پوڻ جو رواج بہ اسلامي رواج ناهي. پيرن ۾ ٻي سخت گناهہ جي رسم اها آهي جو نياڻيون وهاري ڇڏيندا آهن ۽ انهن کي پاڪ معصوم سڏرائي خوب ماڻهن کي ڦريندا آهن. پيرن کي گهرجي تہ هڪدم مڪرن کي ٽوڙي ڪنهن ڌنڌي کي لڳن، ۽ ماڻهن کي گهرجي تہ فقط خدا تعاليٰ کان ڊڄن.

پيري مريدي بہ نسبت اڄ ڪلهہ غلط عقيدا ماڻهن جي مغز ۾ ويهي ويا آهن. حقيقت فقط هيتري آهي تہ نيڪ ماڻهن جي صحبت چڱو اثر پيدا ٿي ڪري تنهن ڪري جيڪي شخص دين جو علم ڄاڻندڙ هجن ۽ اسلام جي حڪمن تي هلندڙ ۽ نيڪ اخلاق ۽ پرهيزگار هجن تن وٽ وڃڻ گهرجي ۽ انهن جي صحبت ڪرڻ گهرجي پوءِ ڪٽي هو ڪوري يا موچي هجن، ڪڙمي يا مزور هجن، سيد يا قريشي هجن. نيڪ ۽ متقي شخص جي سڃاڻڻ جون نشانيون هي آهن:-

1 - قرآن ۽ حديث کي چڱي طرح ڄاڻڻ.
2 - انهن تي هلڻ يعني اصحابن سڳورن جي روش اختيار ڪرڻ.
3 - حق جي اشاعت ۽ وصيت ڪرڻ.
4 - ان ۾ جي تڪليفون درپيش اچن سي صبر سا سهڻ.

قرآن مجيد ۾ آهي لن تنالوا البر حتيٰ تنفقو مما تحبون. يعني توهان تيستائين نيڪ ٿي نٿا سگهو جيستائين خرچ نہ ڪيو (خدا جي راهہ ۾) ان کي جنهن کي توهان حب ٿا ڪيو.

مطلب آهي تہ نيڪ ماڻهو اهو آهي جو ٻين کي ڏئي ۽ ٻين جو فائدو ڪري. حديث شريف ۾ آهي تہ ٻہ ماڻهو ريس جي لائق آهن هڪ دولتمند جو سخا ڪندڙ هجي ٻيو عالم جو علم سيکاريندڙ هجي.

## ملان ۽ مولوي پلارا


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

وه علم شريعت کي ماهر کدهر هين
وه اخبار دين کي مبصر کدهر هين
اصولي کدهر هين مناظر کدهر هين
محدث کهان هين مفسر کدهر هين
وه مجلس جو کل سربسر تهي چراغان
چراغ اب کهين ٹمٹماتا نهين وان
بڑهي جس سي نفرت وه تحرير کرني
جگر جس سي شق هون وه تقرير کرني
گنهگار بندون کي تحقير کرني
مسلمان بهائي کي تکفير کرني
يہ هي عالمون کا هماري طريقہ
يہ هي هاديون کا هماري سليقہ
سدا اهل تحقيق سي دل مين بل هي
حديثون پہ چلني مين دين کا خلل هي
ستاوون پہ بالکل مدار عمل هي
هر اک راي قرآن کا نعم البدل هي
کتاب اور سنت کا هي نام باقي
خدا اور نبي سي نهين کام باقي
جهان مختلف هون روايات باهم
کبهي هون نہ سيدهي روايت سي خوش هم
جسي عقل رکهي نہ هرگز مسلم
اسي هر روايت سي سمجهين مقدم
سب اس مين گرفتار چهوٹي بڑي هين
سمجه پر هماري يہ پتهر پڑي هين
نہ کي ان کي اخلاق مين رهنمائي
نہ باطن مين کي ان کي پيدا صفائي
يہ احکام ظاهر کي لئي يہ بڑهائي
کہ هوتي نهين ان سي دم بهر رهائي
وه دين جو کہ چشمہ تها خلق نکو کا
کيا اسکو بالوعہ غسل و وضو کا
نبي کو جو چاهين خدا کر دکهائين
امامون کا رتبہ نبي سي بڑهائين


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

مزارون پہ دن رات نذرين چڙهائين
شهيدون سي جاجا کي مانگين دعائين
نہ توحيد مين کچھ خلل اس سي آئي
نہ اسلام بگڙي نہ ايمان جائي
وه دين جس سي توحيد پهيلي جهان مين
هوا جلوه گر حق زمين وزمان مين
رها شرک باقي نہ وهم و گمان مين
وه بدلا گيا آکي هندوستان مين
هميشہ سي اسلام تها جس پہ نازان
وه دولت بهي کهو بيٺهي آخر مسلمان

دنيا جي تاريخ مان معلوم ٿيندو تہ سڀني مذهبن جي ملان فرقي پنهنجي مطلبن واسطي دين کي بگاڙي خدا جي خلق کي گمراهہ ڪري ڇڏيو. ڪلور تہ اهو ڪيائون جو خود خدائي صحيفن ۾ ڪمي و بيشي ڪري ڪجھ ڪجھ ڪجھ وجهي دين ئي پنهنجو ڪٽي ڻاهيائون. اسان جو قرآن شريف الله تعاليٰ جي فضل سان محفوظ آهي ۽ ان ۾ ڪو بہ ڪمي بيشي ڪو نہ ٿو ڪري سگهي، مگر تنهن هوندي بہ اسان ۾ بگاڙ گهڻو ٿي ويو آهي. سو هن طرح تہ اوائلي زماني ۾ سڀ ڪنهن عمل ۽ هدايت لاءِ پهريائين قرآن شريف ڏي رجوعات ڪئي ويندي هئي ۽ سنئين سڌي معنيٰ ورتي ويندي هئي پر اتفاقن جيڪڏهن قرآن شريف مان پوري صفائي ٿي نہ سگهندي هئي تہ صحيح حديثن ۽ اصحابن سڳورن جي روش مان صفائي ڪئي ويندي هئي. جڏهن فقہ شريف جو زمانو آيو تڏهن اهو خيال پيدا ٿيڻ لڳو تہ هاڻي قرآن مجيد ۽ حديثن ڏانهن رجوعات ڪرڻ جي چندان ضرورت ڪانهي ۽ چوڻ ۾ آيو تہ جنهن صورت ۾ امامن سڳورن صفائي ڪري ڇڏي آهي ۽ جنهن صورت ۾ اسان جو فهم قاصر ۽ سمجھ گهٽ آهي، تنهن صورت ۾ قرآن شريف ۽ حديثن ڏي رجوعات ڪرڻ غير ضروري بلڪ نقصان ڪار آهي. قرآن شريف جا اوائلي تفسير عاليشان آهن پر پويان تفسير ڪوڙيون روايتون ۽ غلط خيال پيدا ڪندا ويا. پوءِ وري اهڙو زمانو آيو جنهن ۾ مجتهدن جي فتوائن ۽ صوفين جي مختلف طريقن جي خيال جي ڏم لڳي ويئي ۽ گهڻا فرقا ٿي پيا. ان کان بعد وري اهڙو زمانو آيو جو رندانہ شاعرن جي قولن تي اعتبار ٿيڻ لڳو. حالانڪ قرآن شريف ۾ آهي تہ الشعراءِ يتبعهم الغاوون يعني گمراهہ ماڻهو شاعرن جي پيروي ٿا ڪن. اڄ ڪلهہ ڪيترائي ڪتاب ۽ ولين جا قصا پڙهيا وڃن ٿا جي سچ پچ ڪوڙا ۽ گمراهہ ڪندڙ آهن.

اسلام ۾ خدا جي مهرباني سان ملان فرقو ڪو نہ رکيو ويو. نڪاح ۽ جنازي جي غسل ۽ ڪفن دفن جو ڪم اهڙو آسان آهي جو سڀ ڪوئي ڪري ٿو سگهي، ۽


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ پاڳي پائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

سڀ ڪنهن کي بنا اجوري ڪرڻ گهرجي. مگر بد قسمتي سان مسلمانن جي مٿان جاهليت اهڙي ڇانئجي ويئي آهي جو مسلمانن ۾ بہ ملان فرقو ٿهي پيو آهي، جنهن جو گذران آهن نڪاح پڙهڻ، جنازي کي غسل وغيره ڏيڻ، اسقاط ڪرڻ، قرآن بخشڻ ۽ مان ڏيڻ. گهڻا ملان وري تعويذن ۽ ڪوڙي رمل جي حسابن سان بہ چڱا ٽڪا پيا ڪمائين. پر وڏيڪ خراب ڳالهہ هيءَ آهي تہ جاهل ملن ماڻهن جا عقيدا بہ بگاڙي ڇڏيا آهن. پر خدا جي مهرباني سان اڳواٽن مذهبن جي ملن وانگر آخري خدائي صحيفي يعني قرآن مجيد کي گهاڙي نٿا سگهن. قرآن شريف صحيح سلامت موجود آهي، ۽ هر ڪو شخص دين جا سچا عقيدا ۽ هدايتون پڙهي انهن تي عمل ڪري دنيا ۽ آخرت جو فائدو حاصل ڪري ٿو سگهي. ماڻهن کي گهرجي تہ نڪاح ۽ غسل ۽ دفن ڪفن جو ڪم پاڻ سکي پون ۽ پيسو خرچ نہ ڪن. نڪي ٻين ڪان رواجي ختما ڪيرائين. فقط انهن معلمن جي مدد ڪرڻ گهرجي جي مڪتب يا مدرسو ڪولي سندن ٻارن کي قرآن شريف ۽ اسلامي ڪتاب سيکارين جن مان اسلام جي تعليمات جي خبر پوي.

مسلمانن جي پستي ۽ زواليت جو ثبوت هن کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو ليندو تہ خود عالم جن اصل عربي ۾ قرآن شريف ۽ حديثون پڙهيون آهن سي بہ عملن ۾ اڪثر اهڙا آهن جهڙا بي علم. ٻين خرابين جي علاوه منجهن هي عيب بہ اڪثر ڏسجي ٿو تہ هٺ ۽ وڏائي، تعصب ۽ تنگ خيالي گهڻي اٿن. حالانڪ سچو علم اهو آهي جو ماڻهوءَ کي نماڻائي سيکاري. ماڻهن کي ميناج سان سمجهائڻ جي بدران اهڙي ڪاوڙ چڙهي ويندي اٿن جو هڪدم ڪفر جو لقب ڏيئي ڇڏيندا آهن. عمل تہ ڇڏيو پر سندن علم ئي ناقص آهي. اهو ئي سبب آهي جو سندن عمل چڱا نہ آهن. هاڻوڪن مدرسن ۾ تعليم طوطي وانگر بنا سمجهائڻ جي ڏني وڃي ٿي. ديني عقيدن جون خوبيون دليلن ۽ عقل سان نٿيون ڏيکاريون وڃن. اڪثر عالمن جو اڄ ڪلهہ خيال آهي تہ شريعت ڪو هرويرو عقل سان موافق ناهي. تنهن ڪان سواءِ هو سمجهندا آهن تہ دين تي هلڻ سان دنيا نٿي ملي. در حقيقت شريعت ڪمال عقل تي ٻڌل آهي ۽ اسلام جي هر هڪ هدايت اسان جي دنيا ۽ آخرت جي فائدي لاءِ ڪامل وسيلو آهي. تعليم جي انهيءَ بگڙيل حالت جي ڪري اسان جي اڪثر عالمن کي دماغ بلڪل ڪونهي. جڏهن تحصيل ڪري پگ ٽا ٻڌن، تڏهن مسجد ۾ ويهي ماڻهن ڪان ٽڪيون وٺڻ ڪان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ڪري نٿا سگهن نہ پنهنجو روزگار ڪمائي ٽا سگهن، نہ اسلام جون خوبيون تقرير يا تحرير جي وسيلي ماڻهن کي سمجهائي دين جي طرف آڻي ٽا سگهن. هو ذات انسان جي ڀلي ڪرڻ بدران اٽلندو مٿن بار ٿيو پون. مدرسن جي تعليم سڌارڻ بہ نسبت جدا مضمون لکيو ويندو. انشاءَ الله.

## صوفين ۽ درويشن جي حالت


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

يہ هين جاده پيماي راه طريقت
مقام ان کا هي ماوراي شريعت
انهين پر هي ختم آج کشف و کرامت
انهين کي هي قبضہ مين بندون کي قسمت
يهي هين مراد اور يهي هين مريد اب
يهي هين جنيد اور يهي با يزيد اب
بهت آپ کو کهہ کي مسجد کي باني
بهت بن کي خود سيد خانداني
بهت سيکهہ کر نوحئہ و سوز خواني
بهت مدح مين کر کي رنگين بياني
بهت آستانو کي خدام بن کر
پڙي مانگتي کهاني پهرتي هين در در
*(حالي)*

**لا رهبانيت في الا اسلام**

يعني اسلام ۾ دنيا ۽ گهر ٻار کي ترڪ ڏيڻ جائز ناهي. *(حديث)*

**اللهم اني اعوذ بک من العجز و والکسل**

يعني اي خدا مون کي جڏائي ۽ سستي کان پناهہ ڏي. *(حديث)*

جنهن کي فقط هڪڙي وقت جو کاڌو گهر ۾ موجود آهي تنهن کي پنڻ جائز ناهي. *(حديث)*

حلال آدمي کو هي نہ کهانا نہ پينا
نہ هو ايک جب تک لهو اور پسينا
*(حالي)*

اڄ ڪلهہ جنهن ماڻهوءَ تي قرض چڙهي ٿو وڃي يا سستي کان ڪم نٿو ڪري سو دائرو يا مڪان ٺاهي ويهي ٿو رهي. اڪثر ڪري ڪنهن پراڻي سراٽي نا معلوم قبر تي پڙ وجهي اتي ميلو. ملاکڙو ٿو لارائي ۽ ڪجريون ٿو نچارائي. مڪانن ۾ ڀنگ ۽ چرس جي ڌم لڳي پئي آهي. اهي درويش بہ مڪرن جي مٽن سان پريل پيا آهن. پر انصاف بيوقوف ماڻهن جا بہ ڇئبا جو اهڙن مڪريل، دين کان قريل، خدا ۽ رسول ﷺ جي ٽڙيل براءِ نام درويشن کي ولي سمجهي ڪانئن ڌاڳا ۽ ٽنئوٽا ڦيٽا ڪرائي بيماريءَ کان يا ڪنهن ٻئي ڪم لاءِ ڳچي ۾ ٿا ٻڌن. ائين نٿا ڄاڻن تہ جي شخص ظاهر ظهور خدا جي حڪمن ۽ رسول الله ﷺ جي سنت جي خلاف هلي رهيا آهن بلڪ دين ۽ شريعت تي ٺوڪون پيا ڪن سي ڪيئن ولي هوندا.

قبرن تي خواه ٻين هنڌن تي پينو فقيرن جو تعداد هزارن کان لنگهي وڃي لکن


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

کي پهتو آهي. ارمان جي ڳالهه آهي جو تلها متارا پني عيش عشرت ۾ حياتي پيا گذارين باقي ويچارا جڏا ۽ محتاج ۽ مسڪين طالب علم تن کي ڪو پائي به ڪو نه ٿو ڏئي. عجب ته اهو آهي ته جيڪي پلين گهوڙين تي چڙهيا وتن خصوصن سيد، جي پنهنجي شريف نسب کي ننگ ڏيئي پنڻ جي پنيان ڪاهي پيا آهن، تن کي اٿلندو گهڻي خيرات ٿي ملي. واه انصاف. ڪي مولوي چون ٿا ته سڀ ڪنهن سائل کي خيرات ڏيڻ ۾ ٿورو ڪي گهڻو ثواب آهي. مگر علامه مولانا شبلي جي ڪتاب الفاروق ۾ روايت لکيل آهي ته ڪنهن فقير حضرت عمر رضي الله عنه کان اچي سوال ڪيو. حضرت عمر ڪانئس ان جي ڳوٿري ڦري پوءِ ڪيس ڪجهه خيرات ڏني. چو ته حديث شريف ۾ آهي ته جنهن کي هڪ ويلي جو ڪاڌو موجود آهي تنهن کي پنڻ جائز ناهي. شريعت جو قاعدو آهي ته جو ڪم گناهه آهي، تنهن ۾ مدد ڪرڻ به گناهه آهي، سواءِ ڪنهن واجبي سبب جي. پوءِ اهڙي پينوءَ کي خيرات ڏيڻ به گناهه سمجهڻ گهرجي. چو ته هن کي خيرات ملندي ته هو پيو پنندو. تلهي متاري پينوءَ کي خيرات ڏيڻ هن جي حياتي برباد ڪرڻ آهي، چو ته جيڪڏهن ڪيس خيرات ملندي ته ڪوبه ڌنڌو نه ڪندو، پر جي خيرات نه ڏبيس ته لاچار ٿي وڃي ڪنهن نه ڪنهن ڌنڌي کي لڳندو. تنهن ڪري چڱو ائين آهي ته پينو فقيرن کي ڳوٺن ۾ پنڻ لاءِ گهڙڻ ئي نه ڏجي.

هي بحث پنگ پيندڙن ۽ پينو فقيرن جو ڪيوسين. اڄ ڪلهه ڪي پڙهيل ماڻهو ائين چوڻ لڳا آهن هي ڪوڙا صوفي آهن، مگر سچا صوفي بيشڪ پلارا آهن. اهي شريعت تي به هلن ٿا ۽ خدا جو عشق ۽ ذڪر فڪر ڪمائي فنا في الله ٿين ٿا. پر انهيءَ لاءِ سچن پهتل بزرگن کي مرشد ڪري وٺڻ جي ضرورت پوي، اهو بحث اونهو آهي ان ۾ گهڻو اختلاف آهي. اڄ ڪلهه جيڪي قلبي ورزشون يا تصور پچايا وڃن ٿا تن جو بيان ڪتاب ارشاد المعرفت ۾ ڏنل آهي. انهن کي ذڪر جا طريقا سمجهيو وڃي ٿو. قرآن شريف، حديثن ۽ فقہ شريف مان انهن طريقن جو پتو به ڪو نه ٿو پوي. عالم قبول ٿا ڪن ته اهي طريقا اصحابن سڳورن کان گهڻو پوءِ نڪتا آهن. حديث شريف آهي ته ”ما انا عليہ واصحابي“ يعني اها روش وٺو جنهن تي مان ۽ منجها اصحاب آهن. ٻي حديث آهي ”من عمل عملا ليس عليہ امري فهو رد“ يعني جو اهڙو عمل ٿو ڪري جنهن بنسبت منهن جو حڪم ڪونهي پوءِ اهو عمل رد آهي. ٻي حديث آهي ”اهل القرآن اهل الله“ يعني قرآن وارا سي الله وارا آهن. بدعتن يعني مذهب ۾ نين ڳالهين ڪڍڻ جي خلاف تمام سخت حديثون آيون آهن. هاڻي غور ڪري ڏسو ته جنهن ڪم سان چيو وڃي ٿو ته ولايت حاصل ٿئي ٿي، تنهن جو حڪم چو نڪي قرآن شريف ۾ آيو نه حديثن ۾. انهن طريقن ڪمائڻ وارا ڪي گهر ٻار ڇڏي ٿا ڏين، ڪي دائم المريض ٿي ٿا پون، ڪي گگ وهائي بيحال ٿيو پون ۽ ڪي ته ديوانا به ٿيو پون. قرآن ۽ حديث کي ته ويجهو به نه وڃن.



سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

در حقيقت هن قسم جا صوفي نه پاڻ لاءِ ڪا چڱائي ڪري ٿا سگهن نه دنيا ڪي ڪو فائدو ڏيئي ٿا سگهن. اٽلندو ويچارا جاهل ماڻهو فريبن هيٺ اچي انهن جا مريد ٿا ٿين، پنهنجو گهر ڦري اهڙن درويشن کي خوش ٿا ڪن ۽ بيماري وغيره ۾ علاج ڪرڻ بدران سڳي ڌاڳي ۾ اعتبار رکي پاڻ کي نقصان ٿا پهچائين. اهڙن درويشن کي جيڪڏهن ڪو به ماڻهو پيسو پائي نه ڏئي ته جيڪر پاڻهي مڪرن ۽ فريبن کي ڇڏي ڏين. ڪٽي قبول به ڪجي ته اهي حق تي آهي ته به انهن کي پيسن ڏيڻ جو ضرور ڪهڙو. الله تعاليٰ پاڻهي هنن جي ڪمائي ۾ برڪت وجهندو. پر قرآن مجيد ۽ حديثن جو فيصلو صاف آهي ته اسان کي اها روش ونٽي آهي جا رسول الله ﷺ ۽ اصحابن سڳورن ورتي. ڪي ماڻهو پڇندا آهن ته پلا رسول الله ﷺ جن اڪيلائي ۾ مثلن غار حرا ۾ ڇا ڪندا هئا. اهڙو سوال صحيح بخاري ۾ به بيان ڪيل آهي ۽ ان جي جواب ۾ چيل آهي ”غور فڪر ۽ عبرت پذيري.“

## واپار ۽ واپارين جي حالت

وَاَقِيْمُوا الْوَزْنَ بِالْقِسْطِ وَلَا تُخْسِرُوا الْمِيْزَانَ ۝۹

يعني انصاف سان تور ڪيو ۽ ماپ ۾ گهٽتائي نه ڪريو. حضرت صالح عليه السلام جي قوم تڳي ۽ بي انصافي جي ڪري تباهه ٿي. حديث شريف ۾ آهي ته توهان ۾ سيني کان چڱو اهو آهي جو پوري انصاف سان ڀري ٿو ڏئي. *(قرآن مجيد)*

واپار هڪ شريف ڌنڌو آهي. خود حضرت جن ﷺ ۽ ڪيترن اصحابن ۽ امام اعظم به اهو ڌنڌو ڪيو هو. ان جي وسيلي سڀ ڪوئي شخص پاڻ وٽ وڌيڪ پيل شيءِ جو نيڪال ٻين جي فائدي لاءِ ڪري سگهي ٿو ۽ پاڻ لاءِ گهربل شيءِ وٺي سگهي ٿو. تنهن کان سواءِ جي شيون هڪڙي ملڪ ۾ پيدا نه ٿيون ٿين يا گهٽ پيدا ٿيون ٿين سي ٻئي ملڪ مان واپار جي وسيلي آڻي ميسر ڪري سگهجن ٿيون. مگر واپار جي شريف ڌنڌي کي هن زماني ۾ نهايت خراب ڪيو ويو آهي. گهڻا واپاري ائين ٿا سمجهن ته واپار ۾ دغا ۽ ٺڳي ڪرڻ کان سواءِ فائدو ئي ڪونهي. انهيءَ ڪري ڇا ٿيو آهي جو شين ۾ ميل ميلاپ ڪري اٽلندو زيان ڪار بنايو وڃي ٿو. مثلن کير جهڙي لطيف شيءَ ۾ پاڻي ۽ ڇانورن جو اٽو، گيهه ۾ ڪوپرو يا چربي ان ۾ مٽي وغيره وغيره. رڳو دوائون جن تي بيمار جي صحت جو مدار آهي سي به ڪوڙيون يا پراڻيون ڏنيون وڃن ٿيون. تنهن کان سواءِ وٽ ترازين ۽ ماپا ڪوٽا رکيا وڃن ٿا، ۽ تورڻ يا مئڻ ۾ هٿ سان حرڪت باري ڪئي وڃي ٿي. در حقيقت انهن ٺڳين ۾ فائدو بلڪل ڪونهي. دغا ڪرڻ جي بدران ڪليو ڪلايو اگهه وڌائي وٺڻ گهرجي. پهريائين سو شايد سچ تي هلڻ ڪري نقصان ٿئي مگر آخر سچار کي فائدو رسندو، ۽ خلق تان به آزار لهي



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

پوندو.

پهرين خرابي واپار ۾ هي آهي جو واپاري ماڻهو ان يا ڪپڙو وغيره گهٽي انداز ۾ خريد ڪري انبار ڪري رکي ٿا ڇڏين انهيءَ لاءِ ته جڏهن مهانگو ٿئي تڏهن وڪٽي نفعو ڪمايون. انهيءَ رکڻ جي ڪري ئي مهانگائي تي ٿئي ۽ ڪي ٻيا نقصان ٿا ٿين. حديث شريف ۾ اهڙيءَ طرح جنسن رکي ڇڏڻ جي منع آهي. واپار جو مطلب ئي اهو آهي ته جنس وٺي هڪدم اچي بازا ۾ رکجي ۽ نفع تي وڪٽجي. جيڪڏهن بازار ۾ کپ ڪونهي، يا نفعو نٿو ٿئي ته خريد ئي نه ڪجي. جيتري قدر بازار ۾ وڪري جي اميد هجي اوتري قدر خريد ڪجي.

ٻي خرابي آهي ساٽن هڻڻ جي. دنيا ڪي وڏو نقصان ساٽن رسايو آهي. وڏن شهرن ۾ ڏسندؤ ته سوين بيڪار ماڻهو هزارن بلڪ لکن جو مال ٻولي پوءِ وٺن ڪين ۽ هڪدم ٻئي کي ڏيئي ڇڏين. يا ٻيو به وٺي ڪين فقط نفعي نقصان جو حساب لاهي اهو ٻيو پنهنجي نالي ڪري ڇڏي. يعني جنس نڪا خريد ڪري هٿ تي ڪجي، نڪي وڪٽي ٻين کي تي ڏجي. رڳو جوا بازي لڳي پيئي آهي، جا سخت حرام آهي ۽ نهايت نقصان ڪار آهي.

ٽئين خرابي آهي ته وياج تي پيسا وٺي واپار ڪرڻ. وياج ڏيڻ خواه وٺڻ سخت حرام آهي. وياج تي پيسا وٺي واپار ڪرڻ پاڻ کي تباهي جي کن ۾ غرق ڪرڻ جي برابر آهي.

متئين ٽن خرابين جي ڪري ئي واپاري تباھ ٿا ٿين ۽ روزمره ڏيوالا ٿا نڪرن، جن ۾ ٻين هزار ماڻهن جو به خانو خراب ٿو ٿئي. جيڪڏهن اهي ٽئي خرابيون نه هجن ته ڏيوالا اصل ڪو نه نڪرن، پر هر طرح ماڻهو خوشحال ۽ آسودا ٿي وڃن.

وياج بنسبت هت ٻتي لفظ لکڻ مناسب ٿا سمجهون. اسلام ۾ وياج وٺڻ خواھ ڏيڻ قطعن حرام آهي. وياج جي رسم جي ڪري ۽ اڌارن پيسن ملڻ جي اميد تي ماڻهو ڪفايت جو گڻ نٿا سکن. لاچاري حالت اچي ٻڌجي ته ٿيڙ ٿاڙي وڪڻجن، زمين وڪڻجي، گهر وڪڻجي مگر وياج تي قرض نه کڻجي. اجا به وڌيڪ لاچار ٿئي ته پني ويلو ڪاٽجي مگر وياج تي پيسو نه وٺجي. ڇو ته اسلام موجب جڏهن هڪ ويلي ڪائڻ جي وسعت نه هجي ته پوءِ پنڻ جائز آهي. پر حقيقت هيئن آهي ته جيڪڏهن سنڌ جا مسلمان محنت ڪن ۽ سنڀالي هلن ته قرض کڻڻ جي ضرورت نه پري رهي پر بلڪل آسوده حال هجن.

## هندو مسلم تعلقات



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

مذهب نهين سکهاتا آپس مين بير رکهنا
هندي هين هم وطن هي هندوستان همارا
*(اقبال)*

حب الوطن من الايمان
يعني وطن جي حب ايمان جو ڀاڱو آهي. *(حديث)*

ڍاڪا جي هڪ مشهور هندو پروفيسر لکيو آهي ته هندو مسلم نفاق لاءِ ٻئي قومون جوابدار آهن. ٻنهي کي هڪ ٻئي ڏانهن عداوت ۽ نفرت آهي. هو لکي ٿو ته مسلمانن جو مذهب ئي ٻين قومن لاءِ عداوت ٿو سيکاري جنهن لاءِ بادشاهه علاؤ الدين جي قاضيءَ جي فتويٰ بيان ڪئي اٿس. سچ پچ اهو ڏوهه اسان جي گهٽ عالمن جو آهي، جن غلط فتوائون ڏئي اسان جي اسلام کي بدنام ڪيو آهي. حضرت رسول الله ﷺ جن غير مسلمانن سان نهايت شفقت ۽ مهرباني جي هلت هلندا هئا. اسلام ۾ غير مسلمانن کي صدقو ۽ خيرات ڏيڻ به ثواب جو ڪم آهي. ڪافرن کي مارڻ ۽ انهن کي زور سان اسلام تي آڻڻ بلڪل ثابت ڪونهي. اِچ ڪلهه غلط تفسير ڪيا ويا آهن، نه ته قرآن شريف ۾ چٽو فرمايل آهي ته ”لا اکراه في الدين“ يعني دين جي باري ۾ جبر ڪونهي. هندن لاءِ وري پروفيسر صاحب لکي ٿو ته هو غير هندن کي مليڇ ٿا سمجهن ۽ ساڻن گڏجي نٿا کائن پيئن ۽ نڪي پنهنجا برتن ڪين ڪم آڻڻ ٿا ڏين نڪي سندن برتن پاڻ ٿا ڪم آڻين. انهيءَ جو لازمي نتيجو آهي نفاق ۽ نفرت.

اسان هندو مسلم اتحاد ۽ اتفاق جا حامي آهيون، مگر اهو اتحاد رڳو متاچرين فصيح تقريرن سان ڪين ٿي سگهندو. ٻنهي قومن جي هر طبقي جي ماڻهن کي گهرجي ته هڪ ٻئي سان دنيا جي هر امر ۽ روزمره جي معاملات ۾ انصاف، بلڪ شفقت ۽ همدردي ۽ عزت سان پيش اچن. حقيقت هيءَ آهي ته هن وقت ٻئي قومون هڪ ٻئي کي هر طرح نقصان پيون رسائين، بلڪ هر هڪ قوم جا ماڻهو پاڻ ۾ به هڪ ٻئي کي هر طرح نقصان رسائڻ لاءِ تيار ٿا رهن. جڏهن ظاهري طور مٺي زبان ۽ عزت سان هڪ ٻئي کي پيش اچن ٿا تڏهن ڪنهن خاص مقصد لاءِ. منافقي اِچ ڪلهه رواجي ڳالهه آهي. سؤ مان نوانوي ماڻهو هر روز ڪيترين ئي منافقيءَ جون هلتون هلن ٿا. ڪوڙ ڳالهائڻ ۽ ڪوڙا انجام ڏيڻ جو دستور ته عام ٿي ويو آهي.

هاڻي اسان پهريائين مسلمانن جي هندن سان هلت ۽ پوءِ هندن جي مسلمانن سان هلت صاف طور بيان ڪنداسين. سچ ڪهڙو به اڻ وڻندڙ هجي ان کي لڪائڻ مان وڏا نقصان آهن. جڏهن خرابيون ظاهر ڪيون وينديون تڏهن ته انهن کي دفع ڪرڻ جا اپاءُ ڳوليا ويندا ۽ اتحاد به تڏهن قائم ٿي سگهندو.

ٻهراڙيءَ ۾ مسلمانن جو زور آهي. هو واڻين کي ڪافر ڪوٺيندا آهن ۽ ساڻن چڱي طرح پيش ڪين ايندا آهن. جهنگ ۾ ڪو واڻيو هٿ ايندو اٿن ته ان ڪان سڀ


www.sindhsalamat.com
سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڪجھ ڦري وٺندا آهن. چور اگرچہ مسلمانن جي بہ چوري ڪندا آهن، پر گهڻو ڪري هندن جي چوري ٿيندي آهي، سو هن ڪري جو هندن وٽ دولت وڌيڪ آهي ۽ هو پاڻ کي بچائي بہ نٿا سگهن. اڪثر وري بہ پاڙي وارا مسلمان ئي ڪين مدد ڪندا آهن ۽ ڌاڙيلن کان ڪين پناهہ ڏيندا آهن. ڪي چور تہ هيئن چوندا آهن تہ ڪافرن کي ڦرڻ جائز آهي جو هو بہ اسان کي واپار ۾ ڏيتي ليتي ۾ ڦرين ٿا. مگر هن مان ائين سمجهڻ نہ گهرجي تہ ڀهراڙيءَ ۾ ڪو هندن سان مصيبتون پيون ٿين. هندو ڏاڍا سياڻا آهن. هو هيٺائيءَ جي حالت ۾ اهڙي نوڙت ٿا رکن جو زميندارن کي ۽ ٻين کي پنهنجو ڪيو ڇڏين ۽ مسلمانن مان خوب فائدا پيا ڪين. مگر انهيءَ هلت جو نتيجو اهو ٿو ٿئي جو دل ۾ ٻنهي قومن جي وچ ۾ نفرت ۽ عداوت رهي ٿي، ۽ وجھ ملڻ مهل هڪ ٻئي جو نقصان ڪرڻ کان بہ ڪين ٿا ٽرن. تنهنڪري مسلمانن کي گهرجي تہ رسول الله ﷺ جي سنت موافق غير مسلمانن سان انصاف ۽ شفقت ۽ عزت سان پيش اچن. غير مسلمانن جي چوري ڪرڻ يا ساڻن ڪا بہ غير واجبي هلت ڪرڻ اهڙو ئي گناهہ آهي جهڙو مسلمانن سان ناحق ڪرڻ.

هندو ماڻهو اڪثر ڪري ڪامورا يا واپاري يا وياج خور آهن. ڪامورن جو بيان تہ اڳي ئي آيو آهي. هنن رشوت ۽ رسائي سان ملڪ کي خصوصن مسلمانن کي برباد ڪري ڇڏيو آهي. هندو ڪامورن گهڻو ڪري هندن کي وڌيڪ نوازيو آهي. هندو بالا عملدارن جي روش مسلمان زيردستن سان ۽ مسلمان رعيت سان گهڻو ڪري بي انصافي جي پئي رهي آهي. مسلمانن کي يا تہ نوڪريون ملن ئي ڪو نہ ٿيون يا تہ ڪين تنگ ڪري تڪليفون ڏيئي انفٽ ڪري گهر اماڻيو ٿو وڃي. جاهل مسلمان جيڪڏهن هندن سان خراب هلت ڪن تہ اهڙي ارمان جي ڳالھ ناهي، جهڙي اها تعليم يافتہ هندو مسلمانن سان غير انصافي جي هلت هلن ٿا. هاڻي مسلمان بہ نوڪرين ۾ وڌندا ٿا وڃن. اسان جو ڪين عرض آهي تہ هو هندو زيردستن ۽ هندو رعيت سان با انصاف هلت وٺن.

هندو واپارين جو حال اهو آهي جو جاهل مسلمانن کي اگھ ۾، وٽن ۾، تورڻ ۾، ليکي ۾ مطلب تہ هر طرح ٺڳين ٿا، ۽ ڪنڌي ۾ ڪوڙيون رقمون لکندا ويندا آهن. وياج خور مسلمانن کان وياج بہ ڳرو ٿا وٺن ۽ ليکي چوکي ۾ بہ گهڻو ڪوڙ ٿا ڪن. جيڪڏهن سچائي مان پورت نہ ٿي پوين تہ ڪنهن ٻئي ڏنڌي کي وٺڻ گهرجين. هندو ماڻهو هٽ جي پورهئي ۽ پوک ڪرڻ کان عار ٿا ڪن، مگر هٽ جو پورهيو نهايت شريف آهي. هندو قوم جيڪڏهن پوک جي ڪم کي لڳي تہ سنڌ جيڪر گهڻي قدر سڌري پوي ۽ خود هندو قوم بہ تندرستي ۽ شجاعت پرائي. اسان هندو واپارين ۽ وياج خورن کي گهڻو ڏوھ نٿا ڏيون ڇو تہ هو ڪامورن جهڙا تعليم يافتہ ناهن. مگر هندو ليڊرن تي فرض آهي تہ پنهنجي قوم کي هر طرح سڌارڻ جي ڪوشش ڪن. هندن ۾ بہ اسراف ۽ ڏيتي ليتي جون بدرسمون آهن جي ڪين تباهہ ڪري رهيون آهن.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

هندو قوم اڄ ڪلھ گھڻو زور وٺي ويئي آهي ۽ مسلمانن کان گھڻو سياڻي آهي، تنھن ڪري جيڪا نفرت هندن ۾ مسلمانن لاءِ آهي، سا مسلمانن ۾ هندن لاءِ هرگز ناهي. هندو اڪثر ڪري صبح سان مسلمانن جي منھن نه پوندا آهن، ۽ مسلمان کھڙو به پڙهيل ۽ سڌريل هوندو آهي ته به ان کي ڇٽ کان سواءِ نه سڏيندا آهن. مسلمان چوندا آهن ته هندو کھڙو به دوست هوندو ته به پاٽي پياريندو ٻڪ تي. مسلمانن کي ميليڇ سمجھڻ ۽ ساڻن گڏ نه کائڻ پيئڻ وغيره به نسبت ته اسان اڳي ئي ڍاڪا جي هندو پروفيسر صاحب جو خيال ظاهر ڪري چڪا آهيون.

مسلمان ليڊرن کي به عرض آهي ته هو ڪوتاهه نظر نه ٿين. جيڪڏهن ڪي هندو مسلمانن سان بي انصاف ڪن ته ان جي بدلي پاڻ کي انصاف ڪرڻ گھرجي. پوءِ مخالف قوم به پاڻهي سڌري پوندي. هندو ليڊرن کي به اهو ئي دور انديشي وارو خيال رکڻ گھرجي.

هندو مسلمان ۾ نفاق گھڻو ڪري ردي ليڊرن ۽ ايڊيٽرن پيدا ڪيو آهي. هو هميشه حقي يا ناحقي ٻي قوم کي ڏوهه ڏين ٿا نه پنھنجي قوم کي ۽ حق کي لڪائي يڪ طرفي راءِ ڏيئي ٿا وڃن، ائين هرگز ٿيڻ نه گھرجي. حق ڳالهائجي ۽ حق لکجي اگرچه ان مان پنھنجو نقصان ٿي پوي. في الحال ٿورو نقصان ٿيندو مگر سڌارو ۽ ترقي ٿيندي ئي تڏهن جڏهن پنھنجي قوم جي ناحق ڪندڙن کي خراب ڪيو ويندو يا سزا ڏياري ويندي.

شڌي ۽ تبليغ جو حق جھڙو هندن کي آهي تھڙو مسلمانن کي. مگر بد تهذيب لفظ ڪم آڻڻ ۽ هڪ ٻئي جي دل ڏکوئڻ جو حق ڪنھن کي ڪونھي. بحث مباحثو ضديت لاءِ يا ڪٿڻ لاءِ نه ڪبو آهي پر حق ۽ باطل کي سمجھڻ لاءِ ڪبو آهي ۽ ان ۾ خفي ڪڏهن به نه ٿجي. جيڪڏهن خفي ٿيڻ يا دل ڏکوئڻ جو انديشو هجي ته هڪدم بحث مباحثو بند ڪجي. شڌي ۽ تبليغ انهيءَ نيت سان ڪجي ته خدا جي خلق نئين راه تي اچي چڱا ڪم ڪري، نه ڪنھن پوليٽيڪل يا خود غرضي جي نيت سان. شڌي ۽ تبليغ جو بهترين طريقو آهي پنھنجي مذهب جون خوبيون ٻڌائڻ، نه ڪي پرائي مذهب جون چڪون ڪيڏڻ ۽ پنھنجي روش سڌارڻ نه ٻين جا عيب ڪيڏڻ.

## ڪڙمين ۽ ڪاسبين جي حالت

وہ تھکتی ہیں اور چین پاتی ہے دنیا
کماتے ہیں وہ اور کھاتی ہے دنیا
بس اس طرح جینا عبادت ہے ان کی
اور اس دھن میں مرنا شھادت ہے ان کی

جي شخص حلال جي روزي ڪمائي ٿا ڪائين سي الله تعاليٰ جا پيارا آهن.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

(حديث)

ڪنهن پارسيءَ واري چيو آهي تہ ”اي زر! تو خدا نئہ و ليڪن بخدا ستار عيوب وقاضي الحاجات.“ يعني ”اي سون! تون خدا ناهين پر قسم آهي خدا جو تو تون عيبن جو ڍڪيندڙ ۽ حاجتون روا ڪندڙ آهين.“ انهيءَ ڪان وڌيڪ صحيح ۽ سهڻو ٺٺي ها جيڪڏهن چوي ها تہ: ”اي ادا ڪڙمي! تون رازق ناهين، پر قسم آهي رزاق جو تہ خلق کي روزي تون رسائين ٿو، اي ادا ڪوري! تون ستار سو ڪين آهين پر قسم آهي ستار جو تہ سڄي جهان کي تون ٿو ڍڪين، اي ادا ڪاريگر ۽ مزدور! تون مصور يا خالق ناهين پر قسم آهي مصور پاڪ جو تہ ماڙيون منڊل تون ٿو اڏين ۽ باغ بستان تون ٿو بنائين.“ قربان وڃان اوهان جي پگهر جي هر هڪ ڦڙي تان جنهنجي وسيلي اسان بي بها نعمتون ۽ عيش عشرت ٿا ماڻيون. لعنت آهي انهن تي جي توهان تي ظلم ٿا ڪن ۽ درحقيقت اهي توهان تي ظلم نٿا ڪن پر پاڻ تي ظلم ٿا ڪن. اوهان پاڻ کي سڌاريو ۽ خدا تعاليٰ ڏانهن رجوع ٿيو تہ ظالمن يا ظلم جي پاڙ پٽجي ويندي.

سچ آهي تہ زميندار، ڪامورا، پير، ملان، فقير، ڪدڙا، واپاري، وياج خور سڀ اوهان کي زور سان يا ٺڳيءَ سان ڦري ناس ٿا ڪن. مگر توهان ۾ بہ گهٽا قصور آهن. چوري، زنا، ڪوڙ، ٺڳي، جهيڙا، فساد ۽ سڀني کان وڌيڪ خراب جهل يعني بي علمي توهان ۾ رواجي ٿي ويا آهن. توهان جيڪڏهن سمجهہ رکو ۽ خدا کان سواءِ ڪنهن کان نہ ڊڄي سنوان سڌا اخلاق رکو تہ ڪنهن جي مجال ناهي جو توهان کي رڳو اف چئي سگهي. جيڪڏهن چڱي طرح هلو ۽ پنهن جي پاڻ عزت رکو تہ ٻيا بہ سڀئي توهان کي عزت ڏين. اسلام موجب عزت دولت ۽ خاندان تي منحصر ناهي پر علم ۽ نيڪ اخلاقن تي آهي. ٻين کي پاڻ کان وڏو سمجهڻ يا ٻين کي پاڻ کان گهٽ سمجهڻ شرڪ آهي. وڏو فقط الله تعاليٰ آهي. انسان سڀ ڀائر آهن، سڀ حضرت آدم عليه السلام جو اولاد آهن، ۽ حضرت آدم مٽيءَ مان پيدا ٿيو. توهان تي جيڪو ظلم ٿئي ٿو سو هڪڙيءَ طرح توهان پاڻ تي پاڻ ٿا ڪيو. جيڪڏهن ڪو زميندار يا ڪامورو ڪنهن غريب تي ظلم ٿو ڪري تہ توهان سيئي ان جي خلاف هڪپئي جي مدد نٿا ڪريو. جيڪڏهن هو غريب ڪورٽ ۾ ڪيس ٿو ڪري تہ مدد جي بدران اٿلندو خدا جي خوف ڇڏي، ظالم کان ڊڄي، ان جي طرفان قسم تي ڪوڙي شاهدي ٿا ڏيو. ائين نٿا ڄاڻو تہ اڄ هن غريب تي ظلم ٿيو آهي سڀاڻي اسان جو بہ وارو ايندو. زميندار ۽ ڪاموري کي بہ توهان وانگر ٻہ ٽنگون ۽ ٻہ ٻانهون آهن، وڌيڪ منجهس ڪجهہ ڪين آهي. مگر اوهان جي ئي ڪم عقليءَ جي ڪري، اوهان جي ئي مدد سان اوهان تي ظلم ڪري ٿو سگهي. اوهان پاڻ جيڪڏهن حق تي هلو تہ اوهان تي ڪو ئي بہ ظلم ڪري نہ سگهي.

ٻيو عيب توهان ۾ هي آهي تہ جيڪو توهان سان ڏاڍائي ڪندو آهي تنهن سان سنوان ٿي هلندا آهيو، ٻئي سان نہ. تنهنڪري ئي چوندا آهن تہ سنڌ موچڙي سان ٻڌل


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

آهي. جو تا توهان پاڻ سان ڏاڍائي ڪرايو؟ ڪنهن جو به ڪم توهان ۾ پوي ته توهان بنا دير جي واجبي مزدوري پگهر سڪڻ کان اڳي وٺو. زميندارن جي ٻني توهان آباد ڪيو ته ايمانداريءَ سان محنت ڪيو ۽ پوک يا فصل مان چوري بلڪل نه ڪريو. پوک جي چوري ڪرڻ به اهڙو ئي وڏو ڏوهه ۽ گناهه آهي جهڙو ڪاٽ هڻڻ ۽ وڏيون چوريون ڪرڻ. چوري ڪبير و گناهه آهي ۽ سوئر ۽ مردار کائڻ کان به وڌيڪ خراب آهي. جيڪو رڳو ڪڻو ان جي چوريءَ تو ڪٽي سو جيل ۾ پيل چورن جهڙو آهي. ٻٽئي وغيره جا شرط چڱي طرح اڳي ئي نهرائي چڏيو ۽ لکائي صحيون وجهائي ڇڏيو. خاص طرح بيگر جو شرط چڱي طرح نهرائي ڇڏيو، چو ته ڏاڍا زميندار ائين تا سمجهن ته ڪڙمي اسان جا ٻانها آهن، جيئن ڪين وهايون، تيئن وهڻ گهرجين. بيگر يا ته هئڻ ئي نه گهرجي يا ته ان جو اندازو وغيره مقرر ڪرڻ گهرجي. تنهن کان وڌيڪ جيڪڏهن زميندار ڪم ڪرائي ته مزدوري ڏئي. بيشڪ توهان سيني ڪي عزت ۽ مان ڏيو، پر جيڪڏهن توهان سان ڪو ناحق ڪري ته ان جي عيوض چوري يا ٺڳي نه ڪريو، پر عزت سان ۽ دليري سان انهن ڪي منهن ڏيو.

ٽيون عيب توهان ۾ هي آهي جو توهان محنت نٿا ڪريو. جيڪڏهن توهان وٽ ڪجهه ان موجود ٿو ٿئي ته پوءِ ويهي تا کائو. جڏهن اهو کائي کپايو تا، ۽ کپايو به تا وري ڏاڍي بي پرواهيءَ سان، تڏهن ٽيون توهان جون اکيون کلن. حديث شريف ۾ آهي ته جڏهن توهان کا شي خريد ڪيو يا ڪم آٽيو ته پهريائين خيال ڪيو ته ان کان سواءِ منهنجي سري سگهندي يا نه. جيڪڏهن سري سگهندي ته پوءِ نه وٺو. بي پرواهي سان خرچ ڪرڻ بعد اڪثر توهان کي قرض کڻڻو ٿو پوي ۽ وياج ۾ ڳري تا وڃو. ڏسو توهان جي ملڪ مان بروهي، پٺاڻ، ناڙيوال، پنجابي، مارواڙي، ڪڇي ۽ گجراتي وغيره سڀ محنت ۽ ڪفايت جي وسيلي هزارين رپيا ڪمائي پنهنجي وطن واپس ٿين تا. مگر توهان پنهنجي آباد ملڪ ۾ قرض کڻي پاڻ کي پائمال ڪري تا ڇڏيو. جپان آمريڪا وغيره جا ڪڙمي ۽ مزدور سڀ پڙهيل آهن. هو اهڙا محنتي آهن جو اجايو وقت ڪڏهن نه وڃائيندا آهن. اوهان کان پنجوڻون ڪم ڪندا آهن. اوهان جنهن ماڻهوءَ جي مزدوري ڪندا آهيو سو توهان جي مٿان بيهندو آهي ته به سستي سان ڪم ڪندا آهيو. پر جيڪڏهن هو نه بيهندو آهي ته پوءِ ته الله واهي. سڌريل ملڪن جا مزدور اهڙا ايماندار آهن جو مالڪ مٿانئن نظر به ڪو ڪن ته به توهان کان پنجوڻون بلڪ وڌيڪ ڪم ڪندا آهن. ڪڙمين کي يا ٻين کي کا به فرصت ملي ويندي آهي ته ڪو نه ڪو هنر ڪندا آهن، باقي وقت اخبارن ۽ ڪتابن پڙهڻ ۽ تقريرن ٻڌڻ ۾ لڳائيندا آهن. انهيءَ ڪري هو اهڙا آسودا آهن جو سندن گهر ۽ کائڻ پيڻ ۽ پوشاڪ وغيره ۾ اسان جي خان صاحبن کان به گهڻو بهتر آهن. هنن جي گهرن ۽ پوشاڪ ۾ صفائي اهڙي آهي جهڙي هتي يورپي لوڪن کي آهي. گهرجي اڳيان ننڍڙو باغيچو


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

رکندا آهن ۽ پنيان پاڇيون پوکيندا آهن، ميز تي گلدستا ٺاهي رکندا آهن، پيتين تي پنهنجي هٿ جون ٺهيل تصويرون يا نقش سينگار لاءِ لڳائي ڇڏيندا آهن، هي سڀ محنت جو نتيجو آهي. هنن جا ٻار خواهه زالون اجايو وقت نه وڃائيندا آهن. هنن ۾ جهيڙو فساد ڪونهي. همدردي ۽ محبت گهڻي آهي. تنهن ڪري سندن تندرستي به ڏاڍي سٺي آهي. تندرستي جهڙي وري ٻي نعمت ڪانهي.

پيرن، ملن، فقيرن ۽ واپارين ڪان توهان پاڻ ڪي پاڻ تا ڦرايو. جيڪڏهن توهان ڪي ٿورڙي علم ۽ سمجهه هجي ته ڪير؟ توهان ڪي ٺڳي نه سگهي. اسان جي ملڪ جي ماڻهن جو وڏو عيب آهي وياج تي قرض کڻن جو. اسلام موجب وياج ڏيڻ به اهڙو ئي حرام آهي جهڙو وياج وٺڻ. گهڻا ماڻهو پنهنجا زيور يا ڪا ٻي شيءِ گروي رکندا آهن، پوءِ اها شيءِ رڳو وياج ۾ ڳري ويندي آهي. توهان جو فائدو انهيءَ ۾ آهي ته لاچار جي حالت زيور يا ٻيا ٿپڙ وڪڻو، مگر وياج تي قرض ڪڏهن نه کڻو. زيور يا ٿپڙ نه هجي ته پني به ويلو ٽاريو، پر ڪم ڪي به مڙس ٿي وٺو. ڪپڙا نه هجن ته لانگوٽو ٻڌي به وقت گذاريو. ڀوڙ يا پاڇي نه ٿئي ته رکي ماني يا ڏڌ ڪائي به وقت ٽاريو، وياج تي قرض کڻي ڪائڻ کان سوئر ڪائڻ يا مردار ڪائڻ به بهتر سمجهو. قرضيءَ جي دعا به مقبول ناهي. جيڪڏهن قرض اٿو ته هڪدم ٿپڙ ٽاڙي وڪڻي قرض لاهي ڇڏيو ۽ آئينده لاءِ اهڙي سياڻپ سان هلو جو هٿئون پنج رپيا پاڇي بچيل هجن.

اڄ ڪلهه گهر ۾ بک ۽ ٻاهر آڪڙ بلڪل گهڻي ٿي پئي آهي. اڳي 4 آني جي صدري گهر ۾ سبارائي پائبي هئي جا 6 يا 12 مهينا هلندي هئي. هاڻي نفيس ڪپڙي جون قميصون ٺاهرايون ٿيون وڃن، جن جي ڪپڙي تي اٽڪل ڏيڍ رپيو ۽ سلائي 8 آنا ٿي لڳي ۽ قميس وري مهينو به مس ٿي هلي. تماڪ، ڀنگ ۽ چاءِ وغيره سخت نقصانڪار آهن، جو پيسو به ضايع ٿو ٿئي ۽ تندرستي به خراب ٿي ٿئي.

توهان ڪڙمي ۽ مزدور ائين نه سمجهو ته ڪو شاهوڪار توهان ڪان هرويرو وڌيڪ خوش وقت ٿا گذارين. چوندا آهن ته ”جيڏا اٺ، تيڏا لوڏا.“ شاهوڪارن ڪي ڳڻتيون به وري گهڻيون آهن. شاهوڪار ماڻهو اڪثر پوري بدني ورزش نه هئڻ ڪري تندرست ڪين گذاريندا آهن. خاص طرح زميندارن ۽ ڪامورن ڪي بد هاضمو يا قبضي هوندي ئي هوندي آهي، گهڻن ڪي ته سدائين مٿي جو سور، زڪام يا بواسير يا ذيابيطس هوندو آهي. سندن ڪبٽ دوائن جي شيشن سان پريل پيا هوندا آهن. جهڙي توهان ڪي جوار جي مانيءَ مان لذت ٿي اچي، تهڙي ڪين ڀوڙ پلاؤ، برياني ۽ ڪوفتن مان به نصيب ناهي. جهڙي توهان ڪي ڇنل کٽولي تي مٺي ننڊ ٿي اچي، تهڙي ڪين پلنگن تي به نصيب ناهي. هو جڏا ۽ محتاج آهن. ڪجهه به ڪم پاڻ ڪري نٿا سگهن. جيڪڏهن توهان رڳو ڪجهه سمجهه سان هلو ته توهان بادشاهه آهيو. مطلب ته توهان جيڪڏهن ٿورو گهڻو علم خصوصن ديني علم پڙهو ۽ خدا جي حڪمن تي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

هلو تہ بلڪل خوش، آسودا ۽ باعزت رهي سگهو ٿا.

سرڪار ۽ ليڊرين کي ياد رکڻ گهرجي تہ ملڪ جي ترقي ۽ دولت ڪڙمين ۽ مزدورن جي خوشحاليءَ تي منحصر آهي جي ڪروڙن جي تعداد ۾ آهن، نہ ڪي ٿورڙن ڪروڙ پتي واپارين تي. سچ پچ آسودو ملڪ اهو آهي جنهن ۾ قرض جو نالو بہ نہ هجي، جنهن ۾ غريب ۾ غريب ماڻهو بہ گهٽ ۾ گهٽ پنج سال تعليم پرائي سگهن، پوءِ ڪٽي ڏينهن ۾ 3 ڪلاڪ اسڪول ۾ وڃن. انهن غريب شاگردن مان جيڪڏهن ڪنهن ۾ خداداد لياقت ڏسڻ ۾ اچي تہ قوم ۽ سرڪار ان کي مدد ڏيئي وڏيڪ تعليم ڏياري، هر ڪو غريب شخص گهٽ ۾ گهٽ اڌ آنو گيهہ، پاءُ کير ۽ اڌ سير ڏڌ جي کائڻ جي وسعت رکندڙ هجي. گهٽ ۾ گهٽ هر روز بہ وقت ماني کائي سگهي، ۽ پنهنجي جاءِ ۽ ڪپڙا صاف رکي سگهي ۽ ڪپڙا جمع جمع ڏينهن ڌئاري سگهي. هر هڪ شخص کي گهٽ ۾ گهٽ بہ ڪلاڪ هر روز عبادت ۽ اخبارن ۽ ڪتابن پڙهڻ جي فرصت ملي.

سڌريلن ملڪن ۾ تہ مزورن لاءِ ڳوٺ ڳوٺ ۾ خيراتي اسپتالون، خيراتي اسڪول، ڪتاب، خيراتي اخبارون، ڪتب خانا، تفريح لاءِ خيراتي باغ ۽ راندين جا ميدان مهيا ڪيا وڃن ٿا. ٻڪڻ، ٻوڙڻ، ٽپڻ، ملهہ وڙهڻ ۽ اهڙيون ٻيون رانديون وندر لاءِ بہ چڱيون آهن ۽ تندرستي تمام چڱي ٿيون ڪن. دولتمند ماڻهن لاءِ تہ روزاني ورزش نهايت ئي ضروري آهي.

## خوفناڪ انقلاب ۽ انهن کي ٽارڻ جا اپاءَ

اِنَّ اللّٰهَ يَأْمُرُ بِالْعَدْلِ وَالْاِحْسَانِ وَاِيْتَآءِ ذِي الْقُرْبٰى وَيَنْهٰى عَنِ الْفَحْشَآءِ وَالْمُنْكَرِ وَالْبَغْيِ

تحقيق اللّٰه تعاليٰ انصاف ۽ احسان مائٽن کي ڏيڻ جو امر ٿو ڪري ۽ فحش ۽ گناهہ ۽ بغاوت کان سخت منع ٿو فرمائي. *(قرآن مجيد)*

جڏهن ديناري هلي ويندي آهي، بادشاهہ ۽ امير هيٺن تي ظلم ڪندا آهن ۽ غريبن جي حالت نهايت دردناڪ حالت کي پهچندي آهي تڏهن دماغ وارا ماڻهو خيال پچائيندا آهن تہ ائين ڇو ٿيو آهي جو هڪڙا ماڻهو لکين رپيا رڳو راڳن تماشن ۽ نمائشن ۾ پيا خرچ ڪن ۽ ٻيا ڪروڙين ماڻهو بک ۾ پاهہ پيا ٿين، اگرچہ سڄو ڏينهن ڪمائي ڪمائي چڙهہ نڪري ٿي وڃين. پوءِ اهي اڪثر هي صلاح ڏيندا آهن تہ ملڪيت ذاتي نہ هئڻ گهرجي، هر ڪوئي جيڪي ڪمائي سو سرڪار گڏ ڪري وري هر هڪ کي پورا حصا ڪري ورهائي ڏيندي وڃي تہ سڀ ماڻهو هڪجهڙي حال ۾ هجن. هي خيال رڳو وهم ۽ چريائي آهي. جڏهن وري ظلم ايترو وڌي ويندو آهي جو سهڻ کان ٻاهر هوندو آهي تڏهن اوچتو ئي اوچتو رعيت هوش کان نڪري هڪ



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

زبردست فساد جو طوفان ڪڙو ڪندي آهي. انهيءَ ڪي انقلاب چئبو آهي. در حقيقت ظلم جو بنياد گهٽي قدر پاڻ غريب هوندا آهن جو تہ هو جاهل اڻ سڌريل ۽ بد اخلاق هوندا آهن.

دنيا ۾ اهڙن انقلابن جا بہ مثال بلڪل مشهور آهن، هڪ 1789 وارو فرينچ انقلاب ۽ ٻيو تازو 1917 وارو روسي انقلاب.

فرينچ انقلاب تي ايترا ڪتاب لکيل آهن جو هڪ هنڌ گڏ ڪجن تہ ڪوٺيون پرجي وڃن. فرانس ۾ جڏهن حالتون خراب ٿي ويون تڏهن رعيت بگڙجي بادشاهہ، راڻي ۽ ٻين شاهزادن ۽ شاهزادين ۽ اميرن کي قتل ڪري وڌو. هزارين امير جان بچائي وڃي پراون ملڪن ۾ لڪا. ويچاريون امير زاديون جن ڪڏهن پٽ تي پير ڪونہ وڌو سي جهنگلن ۾ پيرين پنڌ ڪندي ٿڪ ۽ بک جو شڪار ٿيون. رعيت ۾ وري جيڪا ڊر بادشاهت ڪرڻ لڳي سا ٻين ڊرين جي ماڻهن کي جيڪي بادشاهي گهراڻي جا طرفدار ٿي ٿيا تن کي قتل ٿي ڪيائون يا شهر نيڪالي تي ڏنائون. ٿوريئي وقت ۾ وري ڪا ٻي ڊر زور وٺي اڳئين ڊر جي ماڻهن کي قتل پي ڪيو. ايئن خونريزي هلندي آئي. سيني کان گهڻا قتل روبسپيئر شخص جي ايامڪاريءَ ۾ عمل ۾ آيا. آخر رعيت بيزار ٿي ڪائنس بہ بگڙي ويئي ۽ پاڻ بہ انهيءَ هنڌ قتل ڪيو ويو جتي هزارن کي قتل ڪرايو هئائين. انهن خونريزين ۾ فرانس جو ملڪ ڏينهون ڏينهن اجڙندو ويو. آخر نيپولين ملڪ جو بادشاهہ ٿيو، ۽ ملڪ چڱو سنياليائين پر ٻاهرين ملڪن سان جنگيون گهڻيون ڪرڻيون پيس. ڪانئس پوءِ وري اڳئين گهراڻي کي بادشاهي ملي، وري نيپولين جي گهراڻي کي ملي. آخر اتڪل پنجاه ورهين تباهہ ڪندڙ ڦيرن گهيرن بعد رعيتي راڄ قائم ٿي ويو. انهيءَ فرينچ انقلاب منجهان دنيا کي اهو سبق سکڻ گهرجي تہ ديوانن وانگر فساد ڪڙو ڪرڻ پاڻ کي تباهہ ڪرڻو آهي. تازو روسين بہ پنهنجي بادشاهہ ۽ سڄي گهراڻي ۽ اميرن کي قتل ڪري رعيتي راڄ قائم ڪيو. هنن بہ گهڻيون ئي مصيبتون ڏٺيون آهن، پر هاڻي پائنجي ٿو تہ آخر ڪجهہ ڪجهہ وڃي آرام پاتو اٿن.

فرانس ۽ رشيا ۾ جو هي انقلاب ٿيا تن جو خاص سبب هيءُ هو جو اميرن کي زمين، واپار ۽ نوڪرين جا خاص حق حاصل هئا، ۽ عام ماڻهو انهن حقن کان محروم هئا ۽ هو ٻانهن وانگر وهايا ويندا هئا. اسان جي ملڪ ۾ سيني کي هڪجهڙا حق حاصل آهن. سيڪو ئي زمين خريد ڪري سگهي ٿو، سيڪو ئي واپار ڪري سگهي ٿو ۽ سيڪو ئي پڙهي ڪامورو ٿي سگهي ٿو. تنهن ڪري اسان جي ملڪ ۾ انقلاب جو انديشو ئي ڪونهي نڪو انقلاب ڪرڻ لاءِ ڪو سبب آهي. اسان جي ملڪ جي حالت جيڪڏهن چڱي ناهي تہ انجو سبب فقط هي آهي تہ سيئي فرقا اڻ سڌريل ۽ بد اخلاق آهن. تاهم سرڪار نامدار، اميرن ۽ ليڊرن کي گهرجي تہ پاڻ کي بہ سڌارن ۽


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

غريبن جي سڌارڻ ۽ خوشحال رکڻ جي ڪوشش ونن، ۽ ساڻن انصاف جي هلت هلن. ٻئي طرف غريبن کي بہ گهرجي تہ پاڻ کي سڌارڻ جي ڪوشش ڪن ۽ جيڪڏهن ساڻن ڪو اهنج ايذاءُ هجي تہ مَردن وانگر امن امان سان ۽ جائز طرح ان ظلم کي بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪن. فساد ڪرڻ مردانگي ناهي. فساد اهي تا ڪن جيڪي بيوقوف ۽ جهنگلي آهن، ايتري همت ۽ مردانگي نہ اٿن جو ظلم کي مردانگي سان منهن ڏيئي سختين سهڻ لاءِ تيار ٿين. ڪي پليل پڙهيل ماڻهو سوارج ۽ آزادي جي بهانن سان بم گولا ڪم تا آڻين. اهي بي همت پنهنجي ملڪ جا دشمن آهن آزادي ۽ سوراج، سڌاري ۽ ترقي ڪرڻ سان حاصل ٿيندا آهن نہ وحشي ٿيڻ سان. خصوصن اسان جي سرڪار نامدار تہ سوراج جا حق حقوق رفتہ رفتہ ڏيندي ٿي وڃي.

باقي رهيو اهو سوال تہ ملڪيت سڀ سرڪاري هئڻ گهرجي ۽ هر ڪنهن کي گذران لاءِ هڪ جيترو ملڻ گهرجي سو خيال محال آهي بلڪ ديوانگي آهي ڇاڪاڻ تہ هڪ تہ اهڙو انتظام رکي ڪين سگهبو، ٻيو تہ ڪوئي بہ ماڻهو دل و جان سان نہ ڪمائيندو، نڪي هنر ڳولي ڪيندو. انهيءَ مسئلي کي اسلام ڪمال خوبيءَ سان حل ڪيو آهي. هڪ تہ اسلام جي تعليم اهڙي اعليٰ آهي جو ان تي هلڻ سان سڀ مسلمان خوشحال ٿي تا سگهن. مگر خاص طرح غريبن جي مدد لاءِ خيراتون، صدقا ۽ فطرا مقرر ڪيل آهن ۽ زڪوات فرض ڪيل آهي. حضرت جن ﷺ جو قول آهي تہ زڪوات هڪ ڍل آهي جا غريبن جي فائدي واسطي شاهوڪارن تي وڌي وڃي ٿي. ان کان علاوه اسلام سخاوت تي ايترو زور ڏنو آهي جو جيڪڏهن مسلمان اسلام تي پورا هجن تہ غريبن جي حالت تمام چڱي ٿي پوي. اسلام موجب ان شخص جي مسلماني پوري ناهي جو پاڻ ڍؤ ڪري ڪائي ۽ پاڙي وارو بک ۾ رهي.

## توهمات يعني ڀرم ۽ سنسا ۽ بدرسمون

جيڪي جهاڙون ۽ منتر ڪم نتا آڻين يا ايام جاهليت جي ماڻهن وانگر فالن جي اثر هيٺ نہ تا اچن ۽ پنهنجو سڄو ڀروسو الله تعاليٰ ۾ تا رکن سي بهشت ۾ گهڙندا. *(حديث)*

گرهڻ بہ نسبت وسوسا نہ ڪريو. اهي ڪنهن ماڻهوءَ جي موت کان نہ تا ٿين. *(حديث)*

هي (يعني ڪافر) چون ٿا تہ اسان پنهنجي وڏن جي هلت وٺنداسين. ڇا! اگرچہ هو غلط رستي تي هليا هجن! *(قرآن مجيد)*

نواب مير صدر الدين حسين خان صاحب قوم جي اصلاح واسطي اڙدو زبان ۾ ڪي رسالا تصنيف ڪري ڇپارايا آهن. جي نامي پريس لکنو مان ملي سگهندا. انهن مان هڪ رسالي ”اصلاح البشر“ ۾ توهمات جو ذڪر بہ ڪيو اٿس. توهمات اهي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڪوڙا سنسا آهن جن ۾ ويساھ رکڻ جو ڪو سبب ڪونهي. اسلام موجب عزت ۽ ذلت خير ۽ شر الله تعاليٰ جي طرف کان ٿا پهچن نہ جنن ڀوتن وغيره کان. نواب صاحب جن فرمائين ٿا تہ ڪيميا، جادو ۽ جوڳپڻ جو هن زماني ۾ پتو ڪونهي. جي شخص انهن ڳالهين جو شوق رکن ٿا يا انهن ۾ يقين رکن ٿا سي برباد پيا ٿين. اهڙيءَ طرح نجوم، رمل، جعفر، جوتش، فال وغيره تي ويساه نہ رکجي. جانورن ۽ پکين مان فال وٺڻ، سفر ڪرڻ يا شادي ڪرڻ يا جاءِ جوڙائڻ وغيره واسطي نيڪ يا بد تاريخ يا وقت جي دريافت ڪرڻ، ڪنهن وڻ يا گهڙي يا جاءِ يا ماڻهوءَ کي منحوس سمجهڻ سراسر ناداني آهي. سنڌ ۾ ماڻهو ڇنڇر يا اربع ڏينهن سفر تي نہ نڪرندا آهن اگرچہ ضرورت هوندي اٿن. ڪن ڏينهن تي ٻار جو ان نہ موائيندا آهن. جيڪڏهن ڪنهن مهيني جو چنڊ اٽيهو هوندو آهي يا تارو سامهون هوندو آهي تہ سڄو مهينو سفر تي نہ نڪرندا آهن، نڪي ٻار موائيندا آهن. نواب صاحب جن ڪيترين آيتون ۽ حديثون ڏيئي ثابت ڪري ٿا ڏيکارين تہ اهڙا ويساه رکڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ شرڪ آهي. جيڪڏهن ڪا مشڪل پوي تہ الله تعاليٰ کان دعا گهري ۽ ڪائنس پناه گهري وڃي، نڪي اهو ويساھ رکجي تہ جنَ ماڻهوءَ جي جسم ۾ ٿا اچن، يا جاين ۽ وڻن تي قبضو ڪري ٿا ويهن، يا تلاون ۾ ٿا رهن يا واٽهڙن کي تڪليف ٿا ڏين. پوءِ فرمائين ٿا تہ اهڙيون ڳالهيون سڀ جاهلن جون گهڙيل آهن، ۽ بلڪل غلط آهن. اهي عقيدا مسلمانن مشرڪ هندن کان ورتا آهن، اسلام هرگز ڪو نہ سيکاريا آهن. يورپي ماڻهو جي سدائين سير سفر پيا ڪن سي انهن ڳالهين کي نٿا مڃين. جيڪي اهڙيون ڳالهيون مڃين ٿا سي هميشہ پريشاني ۽ خوف ۾ رهن ٿا ۽ ڏڄڻا ۽ بيوقوف ٿين ٿا ۽ سيڪا ٻڌل ڳالھ هڪدم مڃي ٿا ڏين. ماڻهو بہ فريب ۽ مڪر سان انهن جاهلن کان مال متاع حاصل ڪن ٿا. ملن جي صحبت ۾ اهو وهم وڌيڪ ٿو ٿئي ڇو تہ هنن جي پيدائش ۽ گذران تعويذن فالن جهاڙو ڦوڪ عمل عمليات ۽ جنتر منتر تي آهي. هو هميشہ چاهيندا آهن تہ ماڻهو پلي اهڙن وهمن سان پريل هجن. مطلب تہ تعويذ ۽ جادو ڪرڻ وارن جي ڪيل ڳالهين ۾ ويساھ نہ آڻجي. نواب صاحب جن آخر ۾ پيون حديثون ۽ فتوائون ڏيئي فرمائين ٿا تہ ماڻهن کي گهرجي تہ عقل کان ڪم وٺن، ۽ بيهودين ڳالهين تي هڪدم ويساھ نہ ڪن. سنڌ ۾ ماڻهو مڪريل زالن کي جنن ڪڍائڻ لاءِ ولين جي قبرن تي وٺي ويندا آهن، جتي هو بيشرم تي وار کولي لهر هڻنديون آهن. شرم! شرم!

سنڌ ۾ وڏو نقصان بد رسمن ڪيو آهي. جن شاهوڪارن خواه غريب مسلمانن کي پنائي ڇڏيو آهي متي بيان ڪيل نواب صاحب هڪ رسالو ”اصلاح الرسوم“ بہ لکيو آهي، پر سنڌيءَ ۾ مرحوم مولانا حاجي الاهي بخش صاحب جو رسالو ”نيڪ صلاح“ مشهور آهي، جنهن جو اختصار منهن جو ٺاهيل ”رسومات تباهي“ جي نالي


www.sindhsalamat.com



Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

سان مشهور آهي. انهيءَ ۾ ڇٺي، جهنڊ، طوهر ۽ شادي غمي وغيره بہ نسبت جيڪي بدرسمون عمل ۾ آڻجن ٿيون تن جو بيان ڪيل آهي. مسلمانن کي اهي ڪتاب ضرور پڙهڻ گهرجن.

عالمن کي گهرجي تہ توهمات ۽ بد رسمن جي ڪڍي ڇڏڻ لاءِ وعظ ڪن. ارمان جي ڳالهہ اها آهي جو اسان جي گهڻن عالمن کي وعظ جو ڍنگ يا قابليت ڪانهي. جن کي وري ڍنگ آهي سي بہ جاهلن کي خوش ڪرڻ لاءِ رڳو معجزا يا ڪوڙا قصا ٻڌائيندا آهن يا رئارڻ جهڙا وعظ ڪندا آهن. رئارڻ جو اثر رڳو گهڙي ڪن تو ٿئي. ماڻهن کي رڳو مسلمان ٿيڻ جو پهريون عقيدو يعني ڪلمو شريف بہ معنيٰ سان ڪو نہ ٿا سيکارين. چڱو وعظ اهو آهي جنهن ۾ قرآن شريف جي سنئين سڌي معنيٰ سمجهائيءَ سان ٻڌائجي ۽ تفسير لاءِ صحيح حديثون ڪم آڻجن. ماڻهن کي رسول الله ﷺ جي حالات جي ذرو بہ خبر ڪانهي. عالمن کي گهرجي تہ ڪين سندن (ﷺ) صحيح سوانح عمري سلسہ وار ٻڌائيندا رهن. انهيءَ لاءِ اڙدوءَ ۾ رحمت للعالمين ۽ سنڌي ۾ حيات النبي ۽ حالات نبوي پڙهڻ گهرجن. ٻيو سڀ کان ضروري ڳالهہ اها آهي تہ اهو عالم وعظ ڪري جنهن جي نيت صفا ۽ عمل چڱا هجن. عالم بي عمل کي عالم ڪوٺڻ ئي غلط آهي. حديث شريف ۾ آهي تہ سڀني کان خراب انسان اهو آهي جو عالم آهي پر عمل خراب اٿس.

## مذهبي عقيدا

ذکر رجل عند رسول الله (ﷺ) بعباد واجتهاد و ذکر برعتہ فقال النبيﷺ

لاتعدل بالرعتہ يعني الورع *(حديث)*

ان حديث ڏي اشارو ڪري مولانا حالي مسدس ۾ هيئن چيو آهي.

بچايا برائي سي ان کو يہ کهکر
کہ طاعت سي ترک معاصي هي بهتر
تورع کا ذات مين هي جن کي جوهر
نہ هون گي کبهي عابد ان کي برابر
کرو ذکر اهل ورع کا جهان تم
نہ لو عابدون کا کبهي نام وان تم
*(حالي)*

رها دين باقي نہ اسلام باقي
اک اسلام کا رہ گيا نام باقي
*(حالي)*


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

عام ماڻهن کي اسلام جي الف جي بہ خبر ڪانهي. سنڌن گهڻا عقيدا ۽ عمل ڪفر جا آهن. ماڻهو سمجهندا آهن تہ طوطي وانگر ڪلمو پڙهيوسين تہ مسلمان ٿياسين ۽ سيڪو ڪلمي گو ضرور بهشت ۾ ويندو پوءِ عقيدا يا عمل ڪهڙا بہ هجنس. ائين بہ چوندا آهن تہ رڳو زباني توبہ توبہ يا استغفر الله چوڻ سان، خدا تعاليٰ گناهہ بخشي ڇڏي. اڪثر اعتقاد اهو بہ آهي تہ حج ڪرڻ سان سڀ گناهہ ميٽجي ٿا پون، تنهن ڪري پوڙهائي ۾ ڪي ماڻهو حج تي ويندا آهن، پر حج کان موٽڻ بعد بہ گناهہ کان ڪين ٽرندا آهن. ملن سمجهيو آهي تہ دين جو دنيا سان تعلق آهي ئي ڪو نہ. دين آهي مسجد ۾ نماز پڙهڻ، روزا رکڻ، بنا معنيٰ قرآن شريف پڙهڻ، تسبيحون سورڻ، وظيفا ڪيڻ، ڏاڙهيون رکائڻ، ميچون ڪترائڻ ۽ بس. مگر دنيا ۾ ڪيئن هلجي ۽ ڪوڙ، دغا، گلا، چوري، ڪوڙو انجام ڏيڻ، عهد نہ پاڙڻ، گاريون ڏيڻ، پرائو حق ڪائڻ انهن ڳالهين جو ملان خواهہ مولوي خيال ئي ڪو نہ ڪندا آهن. حالانڪ ڪين ڪوشش ئي اها ڪرڻ گهرجي تہ اسلام موجب ڪبيرا گناهہ مسلمانن مان نڪري وڃن. انهن گناهن جو ڪنڌڙ منافق آهي. اسلام لفظ جي مغوي معنيٰ آهي صلح ڪرڻ. اسلام انهيءَ لاءِ آيو تہ مسلمان نہ رڳو پاڻ ۾ صلح سان رهن، پر غير مسلمانن سان بہ صلح ۾ رهڻ جي ڪوشش ڪندا رهن. حديث شريف ۾ آهي تہ الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ اي بندا! مون سان محبت رکين ٿو، تہ پهريائين ذات انسان سان محبت رک. اسلام جي تعليم ڪهڙي وسيع آهي، ۽ ڪيئن سيني ترقين جي ڪنجي آهي تنهن جو بحث ڪرڻ هت محال آهي. جن ڪان ٿي سگهي سي خواجہ ڪمال الدين صاحب جون اڙدو ۾ تصنيفون گهرائي پڙهن، خصوصن "راز حيات" يا "انجيل عمل"، "توحيد في الاسلام" ۽ "مرواريد ثلاثہ". اهي ڪتاب مئنيجر مسلم بڪ سوسائٽي، عزيز منزل لاهور وٽان ملي سگهندا. سنڌيءَ ۾ تعليمات اسلام ڀاڱو پهريون تعليمات اسلام ڀاڱو ٻيو ڏسڻ جهڙا آهن.

رسول الله ﷺ جن فرمايو آهي تہ "بعثت لاتمم مکارم الاخلاق" يعني مان انهيءَ لاءِ نبي ٿي آيو آهيان تہ اخلاقي خوبين کي ڪماليت وٺايان. قرآن شريف ۾ جا بجا فرمايل آهي تہ اهي شخص فلاح پائيندا جي صحيح ايمان بہ رکندا ۽ عمل بہ چڱا ڪندا. حديث آهي تہ بهشت ۾ اهو ويندو جنهن جا اخلاق چڱا هوندا. اڪثر ڏٺو ويو آهي تہ ماڻهو صلواتون وظيفا دنيائي مرادن پورين ٿيڻ واسطي ڪيندا آهن. مگر دنيائي مرادن لاءِ پنهنجي ڪوشش ڪرڻ گهرجي ۽ الله تعاليٰ کان سوال گهرجي تہ ڪوششون ساب وجهي. قرآن شريف انهيءَ لاءِ نہ موڪليو ويو آهي تہ رڳو ان کي ڇُمجي ۽ سيني تي يا اکين تي رکجي ۽ بخشائجي وغيره وغيره. قرآن شريف اسان جي هدايت ۽ سمجهاڻي لاءِ موڪليل آهي. منجهس اهي حڪم آهن جن جي اسان کي ضرور تعميل ڪرڻي آهي. نماز، روزو، زڪوات ۽ حج بہ انهيءَ لاءِ مقرر ڪيل آهن تہ اسان جي دل صاف ٿئي، الله تعاليٰ ۽ سندس حڪمن جي يادگيري اچي، شيطاني


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

خيالن کي روڪي ذات انسان سان محبت ۽ همدردي رکون ۽ ٻين سان ڀلايون ڪيون. جيڪڏهن نماز، روزو وغيره عقل سان سمجهي ادا ڪجن ته دل صفا ٿئي ۽ اخلاق سڌرن. مگر اڄ ڪلهه انهن کي سمجهي ڪو ورلي ٿو، تنهن ڪري گهڻن ئي نمازين ۽ روزيدارن جا اخلاق شرمناڪ آهن. قرآن شريف ۾ الله تعاليٰ ٿو فرمائي ته مومنن کي چئو ته جيڪڏهن الله تعاليٰ سان محبت اٿو ته منهنجي روش وٺو ۽ منهنجي پيروي ڪيو. ٻئي هنڌ الله تعاليٰ ٿو فرمائي ته توهان لاءِ رسول الله (ﷺ) ۾ بهترين نمونو موجود آهي. قرآن شريف جي سورت اذا زلزلت الارض جي آخر ۾ آهي ته جيڪو چڱائي جو ذرڙو ڪندو، سو ان جو نتيجو ماڻيندو ۽ جيڪو بڇڙائي جو ذرڙو ڪندو، سو به ان جو نتيجو لوڙيندو. قرآن شريف جي سورت الانعام جي ويهين رڪوع ۾ آهي ته ”وهٰذا ڪتاب انزلناه مبارڪ فاتبعوه واتقوا لعلڪم ترحمو.“ يعني اسان هي ڪتاب نازل ڪيو آهي جو ڀلارو آهي. ان موجب عمل ڪيو ۽ پرهيزگار ٿيو ته اوهان تي رحم ڪيو وڃي. هن مان يقينن ثابت ٿيو ته اسان جو سڌارو، فائدو ۽ ڇوٽڪارو فقط انهيءَ تي آهي ته قرآن شريف تي عمل ڪري گناهه ڇڏيون ۽ چڱا ڪم ڪريون.

## زڪوات ۽ بيت المال

مگر بيٺهي رهني سي چلنا هي بهتر
کي هي اهل همت کا الله يارو
يہ برکت هي دنيا مين محنت کي ساري
جهان ديکهئي فيض اسي کا هي جاري
نهين ملتي کوشش سي دنيا هي تنها
ک ارکان دين بهي اسي پر هين برپا
وه بهولي هين يہ عادت خدا کي
ک حرکت مين هوتي هي برکت خدا کي
بشر کو هي لازم کي همت نہ هاري
جهان تک هو کام آپ اپني سنواري
خدا کي سوا چهوڙ دي سب سهاري
ک هين عارضي زور کمزور ساري
اڙي وقت تم دائين بائين نہ جهانکو
سدا اپني گاڙي کو اگر آپ هانکو

قوم جي تباهي واري حالت بيان ڪئي ويئي آهي. ان کي سڌارڻ جو وسيلو فقط هڪ آهي. اهو آهي تعليم، خصوصن ديني تعليم. تعليم جو بندوبست ڪرڻ ليڊرن جو فرض آهي. تعليم لاءِ کپي پيسو. هاڻي سوال آهي ته پيسا ڪٿان آڻجن.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

اسلام هڪڙو نهايت عمدو ذريعو سيڪاريو آهي. اهو آهي زڪوات. شريعت موجب زڪوات جا پيسا اٺن نمونن سان خرچ ڪري سگهجن ٿا. انهن مان هڪ آهي في سبيل الله يعني خدا جي راهہ ۾ خرچ ڪرڻ. ديني تعليم پکيڙڻ سچ پچ خدا جي راهہ آهي. شريعت موجب زڪوات اڳاڙڻ جوبندوبست سرڪاري طور رکٹو آهي ۽ عالمن کي پگهارون ڏيٽيون آهن. اسان جي ملڪ ۾ جنهن صورت ۾ سرڪار غير اسلامي آهي تنهنڪري ليڊرن کي ئي اهو انتظام رکٹو آهي. هر هڪ تعلقي يا ضلعي ۾ هڪڙو عامل مقرر ڪرڻ گهرجي جو زڪوات اڳاڙي پيسا بيت المال ۾ پهچائي. انتظام اهڙو پڪو هجي جو هڪ پائي بہ وچ ۾ هضم ٿي نہ وڃي. انهن پيسن مان ديني تعليم جو بندوبست رکجي.

## علم ۽ تعليم

**الحکمت ضالت المؤمن حيث وجدها فهو حق بها** *(حديث)*

ڪہ حڪمت ڪو اڪ گم شده لال سمجهو
جهان پائو اپنا اسي مال سمجهو
*(حالي)*

**اطلبوا العلم ولو ڪان باالصين** *(حديث)*

علم جي طلب ۽ تلاش ڪريو اگرچہ چين ولايت ۾ هجي.

**اطلبوا العلم من المهد الي اللحد** *(حديث)*

يعني علم جي طلب پينگهي ڪان وٺي قبر تاءِ ڪريو.

يہ اب بحر و بر دي رهي هين گواهي
ڪہ هي علم مين زور دست اللهي

الله تعاليٰ پنهنجي آخري رسول ﷺ ڏي جيڪو پهريون پهريون وحي موڪليو سو علم ۽ قلم جي فضيلت بنسبت آهي (اقرا باسم... الخ). اسلام ايام جاهليت کي ڪڏي ايام علم کي آندو. جهل ڪفر کي ويجهو آهي. علم بنسبت آيتون ۽ حديثون بي شمار آهن. هڪ حديث هيءَ ڏسو تہ ڪهڙي نہ سهٽي آهي تہ "علم واري جي مس شهيد جي رت ڪان وڌيڪ فضيلت واري آهي." هن مان صاف ظاهر آهي تہ اسان جي ترقي تعليم تي منحصر آهي. مگر دنيوي تعليم سان گڏ ديني تعليم بہ هئڻ گهرجي ۽ هنري تعليم بہ انهي لاءِ تہ اخلاق بہ سڌرن ۽ گذران جو وسيلو بہ ٿئي. تعليم بنسبت پهرين ضرورت اها آهي تہ وڏو عربي ديني مدرسي ڪولجي جنهن ۾ ديني تعليم سان گڏ دنيوي تعليم بہ ڏجي ۽ هنري تعليم جو بندوبست بہ رکجي.

اڄ ڪلهہ جا تعليم سرڪاري اسڪولن ۾ ڏني وڃي ٿي، سا گهٽي ڪارگر نہ ٿي آهي، نہ اخلاقن سڌارڻ ۾ ڪامياب ٿي آهي ۽ نہ روزگار ڪمائڻ لاءِ. نوڪريون سيني


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڪي ڪو نہ ٿيون ملي سگهن. پوءِ جيڪڏهن ڪنهن اسڪول جي پڙهيل کي نوڪري نٿي ملي تہ مائٽن تي بار ٿيو پوي، ڇو تہ بازن جو پورهيو ڪرڻ ڪانئس نٿو پڄي. اخلاق وري هن ڪري نٿا سڌرن جو اسڪولن ۾ ديني تعليم ڪانهي، نڪي ماءُ پيءُ اهڙا سڌريل آهن، جو ٻارن کي چڱي تربيت ڏين. انسان جون وڏيون ضرورتون آهن ڪاڏو پيتو پيدا ڪرڻ ۽ ڪپڙو ناهڻ. تنهنڪري علم سان گڏ شاگردن کي انهن ڪمن تي بہ لڳائجي. انهيءَ لاءِ تہ جڏهن اسڪول ڇڏين تڏهن هنن جو هڏ ڪم تي وري ۽ پنهنجو گذران ڪمائي سگهن. ديني تعليم لاءِ سنڌي زبان ۾ چڱن اسلامي ڪتابن جي ضرورت آهي. في الحال مرحوم مرزا قليچ بيگ صاحب ۽ حڪيم فتح محمد صاحب وارا اسلامي ڪتاب پاڙهڻ گهرجن. رواجي مڪتبن ۾ اهڙن ڪتابن جي تعليم ۽ ٿورا حساب سيکارڻ گهرجن جئين شاگردن کي لکڻ پڙهڻ ۽ ليکو چوکو اچي وڃي.

انهي نموني جي تعليم لاءِ چڱن معلمن جي ضرورت آهي جن جو علم بہ سالم هجي ۽ اخلاق بہ چڱا هجن. اهڙن معلمن پيدا ڪرڻ لاءِ سڄي سنڌ لاءِ پهريائين فقط هڪڙو عاليشان عربي ديني مدرسو قائم ڪرڻ گهرجي. ان مدرسي ۾ سڄي سنڌ جي هر هڪ تعلقي مان هڪ بلڪل هوشيار شاگرد آڻائجي جنهن سنڌي چار درجا اڳي ئي پاس ڪيا هجن. انهن کي سڀ خرچ ملڻ گهرجي نہ تہ اهڙا شاگرد مشڪل ملندا. مدرسي جي آسپاس واري زمين مدرسي جي ملڪيت هجي جنهن ۾ ان ۽ ڪپهہ مدرسي لاءِ پيدا ڪيل هجي. مال بہ رکڻ گهرجي جئين سنو ۽ تازو کير پنهنجو ئي ميسر ٿئي. ميوا ۽ ڀاڄيون پڻ پوکجن. معلم سڀ ديندار ۽ سادي روش وارا هجن جن کي پٽ تي وهڻ ۽ هٿن سان ڪم ڪرڻ کان عار نہ هجي. هيڊ معلم اسلامي خواه مغربي علمن کان واقف هجي. هڪ معلم ڪيتي دان گرئجوئيٽ بہ هجي جنهن جي زير نظر شاگرد فرصت جي وقت پوک جو ڪم ڪن. هڪ معلم هنر ڄاڻندڙ هجي جو واڍڪو ۽ ڪورڪو ڪم ڄاڻي. هڪ مولوي دين سيکارڻ لاءِ بہ هجي. باقي معلم ضرورت سارو رواجي رکجن.

ٿي سگهي تہ اڙدو زبان سيکارڻ گهرجي، هن ڪري جو اڙدو زبان ۾ نهايت عاليشان ڪتاب ڇپجي ويا آهن. نہ تہ فقط سنڌي ۽ عربي پاڙهڻ گهرجي ۽ چڱن اڙدو ڪتابن جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڇپارائي اهي ڪتاب بہ پاڙهجن. اسلامي تاريخ خاص طرح پاڙهڻ گهرجي. مضمون نويسي ۽ تقريرون ۽ وعظ ڪرڻ جو تمام گهڻو استعمال ڪرائڻ گهرجي. هڪ لائبرري جنهن ۾ عمدا ڪتاب هجن ۽ هڪ ريڊنگ روم اخبارن پڙهڻ لاءِ ضرور هئڻ گهرجي ۽ ٿي سگهي تہ اهڙي عربي مدرسي سان گڏ هڪ پريس هجي جنهن ۾ هڪ ماهوار رسالو ۽ اسلامي ڪتاب ڇاپارائجن.

تعليم ڏيڻ جي هنر ۾ دنيا هزارين ميل ترقي ڪري وئي آهي مگر اسان جا


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

مولوي معلم اٿلندو هزارين ميل پوئتي پئجي ويا آهن. تجربن ۽ عملي تحقيقاتن جي ڪري تعليم ڏيڻ جي هنر ۾ وڏي ترقي ٿي ويئي آهي ۽ تعليم جي اصولن، متن ۽ طريقن تي هزارين ڪتاب تصنيف ٿيا آهن جن جي اسان جي مولوين کي رڳو خبر به ڪانهي.

پارسي زبان اڳي هن ڪري پاڙهي ويندي هئي جو اسان جي بادشاهن جي ٻولي فارسي هئي ۽ ڪورٽن جي لکپڙهه ۾ به اها ئي زبان ڪم آڻبي هئي. اڄ ڪلهه فارسي زبان پاڙهڻ جي اهڙي ڪا خاص ضرورت ڪانهي اجايا پنج ست سال نه وڃائڻ گهرجن. هرويرو ته ان جي بدران اڙدو پاڙهڻ گهرجي جا تمام سولي به آهي ۽ اڄ ڪلهه بلڪل ڪمائتي به آهي. سنڌي چوٿين درجي پڙهيل کي هڪدم عربي زبان شروع ڪرائي سگهجي ٿي. مگر پڙهائڻ جو طريقو به مٽائڻ گهرجي. ڏسو ته عربن جا ٻار ماءُ پيءُ ۽ ڀين کان ٻڌنديئي ٻولي سکي ٿا وڃن. تنهن ڪري مدرسن ۾ گفتگو ئي عربي زبان ۾ ٿيڻ گهرجي، جيئن انگريزي اسڪولن ۾ آهي.

ازان سواءِ صرف ونحو جي قاعدن کي طوطي وانگر حفظ ڪرائڻ بدران اول اهڙا ڪتاب شروع ڪجن جهڙا پنجاب جي مدرسن ۾ ڪم ٿا آڻين. مثلن عربي بول چال حصه اول ۽ حصه دوم جي شيخ امام بخش گهڙي ساز، مئنيجر ايجوڪيشن ايجنسي انار ڪلي لاهور مان ملي سگهندا. عربي ۾ ترجمو، تقرير ۽ تحرير جو استعمال ڪرائڻ گهرجي. اسلامي تعليم شروعات کان ئي پنهنجي مادري زبان ۾ ڏيڻ گهرجي پوءِ جڏهن عربي زبان اچي وڃي، تڏهن عربيءَ ۾ قرآن، حديث ۽ فقه سيکارڻ گهرجي.

## زناني تعليم ۽ عورتن سان ظلم

طلب العلم فريضة علیٰ کل مسلمة

يعني علم جي طلب سيڪنهن مسلمان مرد توڙي عورت تي فرض آهي. *(حديث)*

اڄ ڪلهه ماڻهو زناني تعليم جي برخلاف آهن. عجب ته اهو آهي ته خود ديني تعليم جي به برخلاف آهن. ديني تعليم اها ناهي ته رڳو قرآن شريف بي معنیٰ بنا سمجهڻ جي پڙهي وڃجي. ديني تعليم آهي قرآن مجيد ۽ حديث شريف ۽ فقه جي تعليمات جي واقفيت رکڻ. هي ماڻهو ظاهر ظهور الله تعاليٰ ۽ سندس رسول ﷺ جي حڪمن جي مخالفت ٿا ڪن. ائين نٿا ڄاڻن ته سندن عقل اسان ماڻهن جي عقل کان گهڻو افضل آهي ۽ سندن حڪم ضرور اسان جي لاءِ چڱا هوندا. اهڙن ماڻهن جي عقل تي حيرت وٺيو ٿي وڃي. اها ڳالهه ته صاف ظاهر آهي ته ديني علم هئڻ کان سواءِ ديندار ٿي ڪين سگهبو. خدا جي حڪمن ڄاڻڻ کان سواءِ ڪهڙا عمل ڪري بهشت جي لائق ٿي سگهبو. ڪنهن به انسان مرد خواه عورت کي ديني علم کان محروم رکڻ



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

آهي اسلام ۾ بهشت کان محروم رکڻ. اسلام ۾ دينداري رڳو بي سمجهائي سان نماز پڙهڻ ۾ روزن رکڻ تي منحصر ناهي پر تمام گهڻين ڳالهين تي آهي. زالن کي علم ۾ عقل جي ضرورت ڪانهي ڇا؟ عقل کان سواءِ نه مردن کي وڻنديون، نه ٻارن جي صحت جي خبرداري رکي سگهنديون، نه کين چڱا اخلاق سيکاري سگهنديون ۽ نه گهر چڱي طرح هلائي سگهنديون. اٽلندو ٻارن جي صحت ۽ اخلاق بگاڙينديون، بد عادتون سيکارينديون، ۽ خانو خراب ڪري ڇڏينديون. ياد رکڻ گهرجي ته اگرچه اسان سڀ مرد تعليم يافته ٿي پئون ته به جيستائين عورتون جاهل هونديون تيستائين ڪجهه به ترقي نه ڪري سگهنداسين. اها قوم جنهن جو اڌ جاهل آهي تنهن کي گويا اڌ رنگ جو حساب آهي. اسلامي تاريخ مان ثابت آهي ته اوائلي زماني ۾ مسلمان عورتون ديني خواه دنيوي علم پڙهنديون هيون، وعظ ۽ تقريرون ڪنديون هيون، تصنيفون لکنديون هيون ۽ وڏي نيڪ نامي حاصل ڪنديون هيون. پر ويجهائي جي زماني جو مثال به ڏسو. مغل بادشاهن جون عورتون اعلىٰ تعليم وٺنديون هيون. ۽ اورنگزيب عالمگير جو تمام سخت ديندار ۽ متشرع ماڻهو هو تنهن جي مشهور نياڻي زيب النساءِ بيگم زبردست عالم ۽ شاعر هئي ۽ دنيا جي وڏن وڏن عالمن ۽ شاعرن سان بحث مباحثو ڪندي هئي.

تجربي ۽ سائنس مان ثابت آهي ته اولاد تي نه رڳو ماءُ پيءُ جي جسم ۽ تندرستي جو اثر ٿو پوي پر دل ۽ دماغ جو به. جيڪڏهن ماءُ ۽ پيءُ ڪم عقل ۽ ضعيف دل آهن ته سندن اولاد به گهٽو ڪري اهڙو ئي ٿي ٿو پوي، ۽ ڪيترو به ڪيس تعليم يا تربيت تي ڏجي ته به ڪو ٿورو فائدو ٿو پوي. شيخ سعدي به انهيءَ ڪري چيو آهي ته

عاقبت گرگ زاده گرگ شود. گرچه با آدمي بزرگ شود.

(ترجمو: بگهڙ جو ٻچو پچاڙيءَ بگهڙ ئي ٿيندو آهي، توڙي جو ظاهر ۾ ماڻهوءَ مثل برزگ ڇو نه بڻجي پوي.)

هاڻي جيڪڏهن فقط مردن کي تعليم ڏبي ته اولاد جي دل ۽ دماغ تي پيءُ جو ٿورو گهٽو چڱيرو اثر پوندو، پر ماءُ جي طرفان وري اهو به رد ٿي ويندو. ويتر جو ٻار کي نپائيندڙ ئي ماءُ آهي سو وڌيڪ بگاڙي ڇڏيندس. نتيجو اهو ٿيندو جو جنهن قوم ۾ عورتن کي تعليم نه هوندي سا قوم ڪڏهن به چڱي ترقي ڪري ڪين سگهندي. مائر ضعيف دماغ ۽ ڊڄڻيون ۽ بد اطوار هونديون ته اولاد ڪيئن عالي دماغ شجاع ۽ اولو العزم ٿي سگهندو.

اسان مسلمانن عورتن سان نه رڳو هي ناحق ڪيو آهي جو کين علم کان محروم رکيو اٿئون، پر ٻيا به ڪيترائي شريعت جي خلاف ساڻن ناحق ٿين ٿا. ڪي نادان ماڻهو نياڻين کي پرڻائين ئي نٿا. ٻيو ناحق ساڻن هي ٿو ٿئي جو شريعت جو ڏنل



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

حق نڪاح وقت هائو يا نه ڪرڻ ڪانئن ڪسيو ويو آهي. اڪثر ڪري سندن مرضي جي خلاف زور ڪري ڪين مڙس ڏنو ٿو وڃي. ويچاريون نياڻيون ڪڇي نٿيون سگهن. انصاف هئڻ ٿو چوي ته نڪاح جي ڳالهين کان اڳي ئي ڳجهه ڳوهه ۾ ماءُ پنهنجي ڌي جي مرضي سمجهي وٺي. ائين نه ٿئي جو زور ڪري اهڙو مڙس ڏجيس جنهن کان ڪيس نفرت هجي. ٿيون ناحق عورتن سان اهو آهي جو ڪانئن شريعت جو ڏنل حق، ملڪيت رکڻ جو ۽ ورثي وٺڻ جو ڪسيو ويو آهي. رڳو مهرباني طور مقرر ڪبو آهي مگر ڏبو ڪو نه آهي. پيءُ يا ڀاءُ حرام جا پيسا سؤ يا هزار رپيا گهوٽ کان وٺي ڳرڪائي ڇڏيندا آهن جي ڳويا نياڻيءَ کان قريا ٿا وڃن. نعوذ بالله منها. پروان ماٺهن کان ملڪيت ڦرڻ ئي گناهه آهي، پوءِ پنهنجي ڀينرن وغيره کان ملڪيت ڪسي وٺڻ ته وڏو ناحق چئبو. باهه پيٽ ۾ وجهڻي آهي. ماٺهو چوندا آهن ته نياڻي پرڻائي ٻين کي ٿي ڏجي پوءِ پنهنجي ابي ڏاڏي جي ملڪيت ٻيا ڇو کٽي وڃن. پنهنجي عقل کي الله ۽ الله جي رسول ﷺ جي عقل کان مٿي ٿا سمجهن. ائين نٿا ڄاڻن ته پيءُ کي جهڙو پٽ پيارو آهي تهڙي ڌيءَ. ملڪيت جهڙو پٽ ماڻي ٿو سگهي تهڙو ڌيءَ به ماڻي ٿي سگهي ڪيس چڱو کاڌو، چڱا ڪپڙا، چڱو مڪان ڪو نه گهرجن ڇا؟ ڪيس سخاوت ڪري بهشت جو حقدار نه ٿيڻ گهرجي ڇا؟ جيڪڏهن نياڻي پرائي گهر پرڻجي ٿي وڃي ته پٽ وري پرائي عورت گهر ۾ آڻي موجون ڪين ٿو ماڻائيس؟ جيڪڏهن شريعت جو حق ادا ڪبو ته ڪو هرويرو گهڻو نقصان به ڪو نه پوندو ڇو ته جيڪڏهن ڀيڻ ڪجهه ملڪيت کڻي ويندي ته زال وري پيڪن مان ڪجهه ملڪيت آڻيندي. مگر سوال آهي انصاف جو. اسلام ۾ ڌن ۽ دولت کي ڪجهه به وقار نه آهي. درحقيقت به خوشي دولت تي ايتري منحصر ناهي جيترو تندرستي ۽ نيڪ اخلاقن تي.

## اسلامي ڪتاب

ڪهان پي وه ديني ڪتابون کي دفتر
ڪهان پين وگ علم الاهي کي منظر

پهريون اسلامي ڪتاب آهي قرآن شريف، جو يا ته اصل عربي زبان سکي پوءِ سمجهه سان پڙهڻ گهرجي، يا ته بنا عربي سکڻ جي معنيٰ سان پڙهجي. قرآن شريف کان پوءِ بلڪ ان سان لاڳو آهن رسول الله ﷺ جا قول ۽ عمل جي وڏن امامن جفاڪشي ڪري گهڻو تحقيقات بعد ڪوڙيون روايتون ترڪ ڪري صحيح حديثون ڪنيون ڪري ڪتابن ۾ درج ڪري ڇڏيائون جهڙوڪ صحيح بخاري ۽ صحيح مسلم. انهن ۾ اصحابن سڳورن (جيڪي هدايت جا ڏيا آهن) جا قول ۽ عمل به بيان ڪيل آهن. قرآن شريف جي الفاظن جي معنيٰ به هڪ اوائلي لغت ۾ ڏنل آهي. جيڪڏهن اها معنيٰ وٺجي ته اچوڪي زماني جا گهڻا اختلاف مٽجي وڃن. حديثن کان پوءِ ٻيو درجو


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

آهي فقہ شريف جو جنهن ۾ وضوء نماز ۽ روزن وغيره جا مسئلا ۽ سول ۽ فوجداري قانون بيان ڪيل آهن. فقہ جو مدار آهي قرآن شريف ۽ حديثن تي. انهن کان پوءِ آهن ٻيا ڪتاب جن ۾ اسلام جي تعليمات جون خوبيون ۽ فائدا فلسفي طور دليلن سان سمجهايل آهن. پر جيئن مسلمان پست پوندا ويا تئين نہ رڳو بيڪار ڪتاب لکيائون، پر ڪوڙا قصا، ڪوڙيون روايتون ۽ بزرگن جا ڪوڙا قصا لکي مسلمانن کي گمراهہ ڪري ڇڏيائون. خدا جي مهرباني سان اسلامي دنيا ۾ جتي ڪٿي وري سجاڳي ٿي ويئي آهي. اڙدو ۾ نهايت عاليشان اسلامي ڪتاب ڇپجي ويا آهن. نواب محسن الملڪ، نواب صدر الدين، مولانا حالي، مولانا شبلي، مولانا اقبال ۽ خواجہ ڪمال الدين جون تصنيفون خاص طرح پڙهڻ جهڙيون آهن. اهي مسلم بڪ سوسائٽي عزيز منزل لاهور مان ملي سگهنديون. خصوصاً حضرت ﷺ جي سوانح عمري (مثلن رحمتہ اللعالمين)، خلفائي راشدين جو ذڪر ۽ اسلامي تاريخ پڙهڻ گهرجن. سنڌ ۾ خدا جي فضل سان ٿورڙا چڱا ڪتاب ڇپيا آهن جهڙوڪ مولوي فتح محمد صاحب جو حيات النبي ۽ نور الايمان، مسٽر علي خان جو حالات نبوي، احاديث نبوي، رسومات تباهي ۽ تعليمات اسلام ياڱو ڀهريون ۽ ٻيو، مرزا قليچ بيگ صاحب ۽ مرحوم حاجي الاهي بخش صاحب جون تصنيفون آهن ۽ اسان جو پيارو رسول، خليفہ اول، قرآن ۽ نئين روشني ۽ ٻيا مسلم ادبي سوسائٽيءَ جا ڪتاب قابل ديد آهن. مگر هي ڪتاب تمام ٿورا آهن. مسلمانن کي ٻيهر بيدار ڪرڻ لاءِ گهڻن ڪتابن ۽ رسالن جي ضرورت آهي. خصوصن قرآن شريف ۽ صحيح بخاري جو سليس ترجمو مختصر تفسير سان ضرور ڇپائڻ گهرجي. تفسير اهڙو هجي جنهن ۾ رڳو صحيح حديثن جي مدد وٺڻ گهرجي ۽ ثابت ڪري ڏيکارجي تہ اسلامي تعليمات ترقيءَ جون ڪنجيون آهن.

## لائبريريون

حريم خلافت اونٺون پي لدکر
چلي آتي هين مصر و يوان کي دفتر
اطلبو العلم من المهد الي اللحد *(حديث)*
پينگهي کان وٺي قبر تائين علم جي تلاش ڪيو.

پوريءَ ترقيءَ لاءِ ضروري آهي تہ ماڻهو نہ رڳو ننڍي هوندي اسڪولن يا مدرسن ۾ ٿورو يا گهڻو علم پڙهن (پوءِ سڀ ڪجهہ وساري ڇڏين) پر مرڻ جي گهڙي تائين فرصت جو وقت هميشہ اخبارن ۽ ڪتابن پڙهڻ ۾ صرف ڪن، ۽ هر هڪ ڳوٺ ۾ ڪم از ڪم هڪ چڱو نيڪ اخلاق عالم هجي جنهن کان ماڻهو شريعت جا احڪام ۽ فيصلا پڇي سگهن.

ڪتابن ۽ اخبارن جي ميسر ڪرڻ لاءِ سولي رٿ هيءَ آهي تہ هر هڪ ڳوٺ ۾ ۽


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

وڏن شهرن جي هڪ محلي ۾ هڪ انجمن هئڻ گهرجي. گهر گهر تي آنو يا ٻه آنا ماهانه چندو وجهڻ گهرجي. زڪوات وغيره جا پيسا به انجمن کي ڏجن. انهن پيسن مان گهٽائي ڪم ڪري سگهجن ٿا، مگر اسان هت فقط ڪتابن ۽ اخبارن جو ذڪر ڪريون. انهن پيسن مان ڪم از ڪم هڪ اخبار آڻائڻ گهرجي جا مسجد ياحجري ۾ رکڻ گهرجي جتي هر ڪو پڙهيل پڙهي سگهي ۽ اڻ پڙهيلن کي پڙهي ٻڌائي. پيسن جي بچت مان چڱا چڱا ڪتاب رفته رفته آڻائبا وڃجن. ٿورن ئي سالن ۾ چڱو ذخيرو موجود ٿي ويندو ۽ پوءِ ويندو وڌندو.

اهڙي انجمن ٻيا ڪم به ڪري ٿي سگهي. مثلاً فيصلا نبيرڻ، صفائي جو بندوبست رکڻ، تعليم جو انتظام ڪرڻ وغيره وغيره. اها آهي تنظيم جنهن جي قوم کي هن وقت سخت ضرورت آهي.

اسان اڄ هنن مضمونن جي سلسلي کي ختم ٿا ڪيون وري ڪو ٻيو سلسلي شروع ڪنداسين. في الحال اچو ته رب جي درگاهه ۾ التجا ڪريون.

اللهم صلى على سيده النبى الامى وازواجه امهات المومنين و ذريته و اهل بيته كماصليت على ابراهيم وعلى ابراهيم انک حميد مجيد

اي ٻاجهارا سائين! تون اسان کي صدقي پيارن پيغمبرن جي پنهنجي مبارڪ ڪتاب ۽ رسول الله ﷺ جي اقوالن ۽ اعمالن جي، علم عطا ڪر ۽ اسان کي توفيق ۽ هدايت ڏي ته اسان رسول مقبول ﷺ ۽ سندن اصحابن (اهلبيت به ان ۾ اچي ويا) جي روش وٽون ۽ انهن جهڙا عمل ڪريون ته اسان کي علم ۽ عقل ڏي. اسان ۾ اتفاق، همدردي ۽ محبت پيدا ڪر. اسان کي ڏکن ۽ ڳڻتين، محتاجي ۽ سستي، ڪنجوسائي ۽ ٻڄٽائپ ۽ قرض ۽ ماڻهن جي قهر کان پناهه ڏي. اسان ۾ همت ۽ جوان مردي پيدا ڪر ته تنهنجي مدد سان پنهنجا ڪم پاڻ سنواريون ۽ پنهنجي حالت ۽ اخلاق سڌاري دنيا ۽ آخرت جي سعادت حاصل ڪريون. آمين ثم آمين. *(1939ع)*


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# سولي سنڌ جي تواريخ

(سنڌي چوٿين درجي جي ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين لاءِ درسي ڪتاب)
(ويڙهومل ڪنڍڻ مل پبليشرس بڪ ڊيپولاڙڪاڻو پاران ڇپرايل)

**مُنڍ**

هن وقت سنڌ جي تواريخ جا ڪيترا تي ڪتاب موجود آهن، پر اهي مزيدار آکاڻين ۾ نہ آهن. تنهنڪري ڪوشش ونئي هيءُ ڪتاب اهڙي ڍنگ سان لکيو ويو آهي: جيئن ٻار گهر ۾ بين آکاڻين جا ڪتاب چاهہ سان پڙهندا ۽ ياد ڪندا آهن، تيئن هيءُ ڪتاب بہ ازخود چاهہ سان پڙهن. هيءُ ڪتاب نہ فقط اسڪولي ٻارن ڪي ڪارائتو ٿيندو، پر عام ماڻهن لاءِ وندر ۽ واقفيت جو باعث ٿيندو. ماسترن ڪي ڪپي تہ تواريخ سيکارڻ مهل نقشو ضرور استعمال ڪن: ڪٿي جنگ لڳي، ڪهڙا ملڪ هٿ ڪيا ويا، ڦيريائين ڪهڙا ڀاڱا هئا ۽ پوءِ ڪهڙا ٿيا، اهڙيون بيون ڳالهيون نقشي جي مدد سان سيکارجن. جيترو ٿي سگهي اوترو تواريخ جو جاگرافيءَ سان لاڳاپو رکي سمجهائجي. هر هڪ واقعي جو نتيجو ۽ ڪارڻ کولي ٻڌائجي. واقعن ۽ اتفاقن سان جيڪي اخلاقي نصحيتون نڪرن سي کولي ٻڌائجن. هن ڪتاب ۾ ڪشادي واقفيت ڏني ويئي آهي، مکيہ ڳالهين تي گهڻو وقت ڏجي. ٻارن کان مکيہ واقعن جا ناٽڪ جي نموني نقل ڪرائجن.

**تواريخ ڇا کي چئجي؟**

تواريخ لفظ جي معنيٰ آهي تاريخون يا گهٽا ڏينهن. گذريل ۽ هلندڙ وقت ۾ ڪهڙا بادشاهہ، ڪهڙا مشهور ماڻهو، بهادر ٿيا هئا ۽ ٿيا آهن، سندن هلت چلت ڪهڙي هئي ۽ ڪهڙي آهي؟ ملڪ ۾ ڪهڙيون جنگيون ٿيون ۽ ٿين پيون. اهي سڀ حقيقتون جنهن ڪتاب مان معلوم ٿين، تنهن ڪتاب کي تواريخ جو ڪتاب چئجي ٿو. هن زماني جون اخبارون بہ تواريخون آهن، تنهنڪري هلندڙ زماني جي تواريخ جي واقفيت وٺڻ لاءِ اخبارون پڙهڻ ضروري آهن.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

### تواريخ پڙهڻ مان فائدا

تواريخ پڙهڻ مان خبر پوي ٿي، ته ملڪ ۾ ڪهڙا ڪهڙا بهادر ٿي گذريا آهن، تنهنڪري اسان کي به انهن جهڙو بهادر ٿيڻ گهرجي. تواريخ مان خبر پوي ٿي، ته ملڪ جي مان، شان ۽ عزت آبرو بچائڻ لاءِ ڪيترا شير دل ماڻهو سر قربان ڪرڻ کان ڪين گتا ۽ پنهنجي ملڪ لاءِ سڀ ڪجهه قربان ڪرڻ لاءِ تيار ٿي بيٺا. تنهنڪري اسان کي به حب الوطن ٿيڻ گهرجي.

نيپولن بونا پارٽ فرانس جي هڪ غريب ماڻهوءَ جو پٽ هو. هن کي ننڍي هوندي کان تواريخ پڙهڻ جو گهڻو چاهه هو. جڏهن تواريخ مان وڏن وڏن بهادر ماڻهن جي حياتيءَ جو بيان پڙهندو هو، تڏهن سندس دل ۾ امنگ پيدا ٿيندو هو، ته مان به انهن جهڙو بهادر ٿيان. ٿيو به ايئن جو سڄي يورپ ۾ پنهنجو نعارو وڄايائين ۽ فرانس جو شهنشاهه ٿيو. تواريخ ٻڌائي ٿي، ته جن ظلم تي ڪمرڪشي سي نابود ٿي ويا، تنهنڪري اسان کي رحمدل ٿيڻ گهرجي. تواريخ سبق سيکاري ٿي ته ”سچ به پاچا آهي“ يعني هڪڙو ماڻهو اڄ بادشاهه آهي، ته سڀاڻي گداگر ٿي وڃي ٿو، تنهنڪري اسان کي ڌن جوڀن جو غرور ڪرڻ نه گهرجي.

### (1) اسان جي پياري وطن جي آکاڻي

اسين سنڌ ملڪ جا رهاڪو آهيون، تنهنڪري اسين سنڌي ماڻهو سڏجون ٿا. گهڻو وقت اڳي هندستان جي اتر اولهه کان آريه نسل جا ماڻهو خيبر ۽ بولان دڙا لنگهي، هن ديس ۾ آيا انهن کي پهريائين وڏو سنڌو درياءُ لنگهڻو پيو، جنهن ڪري انهن درياءَ جو وڏو ۽ ويڪر پيٽ ڏسي، پاڻيون ته ڪو سمنڊ آهي؛ تنهنڪري نالو رکيائونس سنڌو يعني سمنڊ. انهيءَ نديءَ تان اسان جي ديس تي سنڌ نالو پيو آهي.

### (2) سنڌ جي اصلوڪن رهاڪن جي آکاڻي

انهن آرين کان اڳ ۾ سنڌ جا اصلوڪا رهاڪو اڻ آريه هئا جي ٺڪرن جي ٿانون ۾ کائيندا هئا ۽ لوهه جا اڻ گهڙيل ٽڪر، زيورن طور پائيندا هئا. جنن وڻن ۽ پوتن ۾ ڏاڍو اعتبار هون. ڪين رڌڻ پچائڻ، باهه ٻارڻ ۽ پوک ڪرڻ جي خبر ڪا نه هئي، تنهنڪري جهنگلي مرن جو ڪچو گوشت کائيندا هئا ۽ اگهاڙا گهمندا هئا. منجهانئن کي ٿورا سڌريل هئا، جي وڻن جي وڏن پنن سان اوگهڙ جا هنڌ ڍڪيندا هئا. انهن مان اڄ تائين ڀيل، ڪولي، ڍيڍ ۽ مينگهوڙا موجود آهن، جي ٿر ملڪ ۾ رهن ٿا ۽ ڪريل سنڌي ۽ مارواڙي ٻولي ڳالهائن ٿا.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

### (3) آريه ماڻهن جي آڪاٽي

آريه (شريف) نسل جا ماڻهو اصل سنڌ جي اتر طرف وچ ايشيا ۾ رهندا هئا. اتي چوپايو مال ساڻ وٺي، چراگاهن جي ڳولا ۾ هڪ کان ٻئي هنڌ گهمندا وتندا هئا. سندن قوت گذران شڪار ۽ کير، مکڻ ۽ ڏڌ تي هو. هو، ديوتائن کي پوڄيندا هئا ۽ انهن کي خوش ڪرڻ لاءِ جانورن جون ٻليون چاڙهيندا هئا. ڏينهون ڏينهن اتي وڌندا ويا ۽ اصلي ڪٽنب اباڻن جائين ۾ ماپي نه سگهيا. تنهنڪري ڪيترا آريه ماڻهو خيبر ۽ بولان جا لڪ لنگهي پنجاب ۽ سنڌ ۾ آيا. اچي ڏٺائون، ته زمين پلي آهي ۽ سنڌو نديءَ ۾ پاڻي منو آهي: ملڪ جهنگلي ماڻهن (اڻ آرين) ۾ ٻيلن سان پريو پيو آهي، تنهنڪري اصلوڪن رهاڪن کي ڏکڻ ۽ اوبر طرف ڏانهن تڙي ڪڍيائون. جهنگ ڪپي ان پوکيائون ۽ گهر ڪري ويهي رهيا. اهڙيءَ ريت هڪ ٻئي پٺيان آريه ماڻهن جون ڪيتريون ٽوليون سنڌ ۾ اچي، ٻيٺڪ ڪري ويٺيون. ڪي اصلوڪا رهاڪو (اڻ آريه) پڻ ساڻن گڏجي رهڻ لڳا.

### (4) چئن ذاتين جي ٺهڻ جي آڪاٽي

عيسوي سن کان 2500 ورهيه اڳي، جڏهن آريه لوڪ، سنڌ پنجاب ۾ گهڻا ٿيا، تڏهن گنگا نديءَ ڏانهن پکڙجڻ لڳا. ان وقت انهن پورهئي جي ورڇ مان فائدو وٺڻ لاءِ هڪ ٻئي تي الڳ الڳ ڪم رکي ڇڏيا. جنهن ڪري سندن هيٺيون چار ذاتيون ٿيون: –

1 – جن وڏيءَ ذات جي ماڻهن تعليم ڏيڻ ۽ ڌرمي ڪم ڪرائڻ جا ڪم پاڻ تي هموار ڪيا انهن کي برهمڻ سڏيائون.

2 – ساري ملڪ جي بچاءُ لاءِ دشمنن سان جنگ ڪرڻ ۽ ملڪ جي حڪومت جو بندوبست رکڻ وارن کي کتري سڏيائون.

3 – کيتي ڪرڻ ۽ واپار ڌنڌي هلائڻ وارن کي وئش چيائون.

4 – جيڪي اصلوڪن رهاڪن مان ڪن آرين سان مٽيءَ مائٽيءَ ۾ گڏجي ويا هئا ۽ جن جو اولاد نج آريه نه هو، تن تي مٿين ٽنهي ذاتين جي ٽهل ٽڪور ڪرڻ جو ڪم رکيو ويو، جنهنڪري انهن کي شودر نالو ڏنائون.

### (5) راجا جندرات جي آڪاٽي

ڪترين مان ٻن مشهور قومن پاندون ۽ ڪورون ع سنه کان 1400 ورهيه اڳي، جڏهن هستناپور* (دهليءَ) جي بادشاهيءَ لاءِ پاڻ ۾ جنگ ڪئي، تڏهن ڪرشن، گجرات جي راجا، پاندون کي مدد لاءِ ڏني هئي ۽ جئدرات، سنڌ جي راجا ڪورون کي مدد لاءِ لشڪر موڪليو هو. جنهن ۾ آخر پاندون جنگ کٽي –

* هستناپور = هاٿيءَ جو شهر.



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

انهيءَ مان خبر ملي ٿي، تہ ان وقت سنڌ جا راجا، جٽدراٽ، ڪتري قوم مان هو، انهيءَ ڪان پوءِ ڳچ وقت تائين سنڌ جي تاريخ جو پورو احوال ملي نٿو سگهي.

## مشقي سوال

1. تواريخ ڇاکي چئجي ڪولي سمجهايو؟
2. سنڌ تي نالو ڪيئن پيو ۽ ڪنهن وڌو؟
3. آرين ۽ اڻ آرين جو احوال ڏيو، سندن وچ ۾ جيڪو تفاوت آهي، تنهنجو نقشو ناهيو؟
4. آرين ۽ اڻ آرين جون نشانيون ٻڌايو؟
5. چار ذاتيون چو ٺهيون ۽ انهن جو بيان ڏيو؟
6. هستناپور جي لڙائي وقت سنڌ جو راجا ڪير هو؟

## (6) قديمي سنڌ ۽ هاڻوڪي سنڌ جي ڀيٽ جي آڪاڻي

سنڌو ندي، پنهنجن ڀرتي ڪنڌڙ ندين سميت جنهن ملڪ کي آباد ٿي ڪري، تنهن ساري ملڪ کي اڳي سنڌ سڏيو ويو ٿي. ڇاڪاڻ تہ انهي سموري ملڪ ۾ هڪ ئي قسم جي قوم، هڪ ئي زبان ڳالهائيندڙ، رسمون رواج، ڏنڌا ۽ مذهب رکندڙ رهندي هئي ۽ سارو ملڪ گهڻو ڪري هڪ ئي وڏي راجا يا بادشاهہ جي هٿ ۾ رهندو هو. انهي ڪري آڳاٽي سنڌ تمام گهڻو وڏي هئي، منجهس پنجاب، ڪشمير، افغانستان، بلوچستان، راجستان ۽ بهاولپور اهي ملڪ بہ اچي ويا ٿي. مگر ايترو سارو ملڪ هڪڙي حاڪم جي هٿ هيٺ رهي سگهڻ جهڙو نہ هو، تنهنڪري جدا جدا پاڳن ۾ جدا جدا هندو راجا راڄ ڪندا هئا، جيئن تہ: ملتان، شڪارپور، سيوهڻ، حيدرآباد ۽ ننڍو: اهي راجائن جي گادين جا هنڌ هئا. انهن راجائن جي مٿان هڪ وڏو راجا الور* ۾ رهندو هو. پر پوءِ زماني ڦرندي ڦرندي قومن جي ٻولين، ريتن، رسمن، ڏنڌن ۽ مذهبي ڳالهين ۾ بہ فرق پوڻ لڳو ۽ آڳاٽي سنڌ، ٽڪرا ٽڪرا ٿي جدا جدا خود مختيار بادشاهن جي حوالي ٿيڻ لڳي – تنهنڪري جنهن هنڌ پنج نديون وهن ٿيون، تنهن ملڪ کي پنجاب سڏيائونءِ اهڙيءَ طرح جنهن هنڌ کان وٺي سنڌوندي يڪي سر وهي ٿي تنهن هنڌ کان وٺي ڇوڙ تائين سنڌ سڏجڻ ۾ آئي. ڏسو صفحي 3 وارو نقشو.

## (7) ايرانن جي ڪاهہ جي آڪاڻي

آڳاٽي سنڌ تي عيسوي سن کان 500 ورهيہ اڳي ايراني لوڪن اڙدشير (دارا پهرئين) بادشاهہ جي هٿ هيٺ ڪاهيو، مگر هو، ملڪ فتح ڪري ايران موٽي ويا.

## (8) يونان جي بادشاهہ

* الور – خيرپور ميرس ۽ روهڙيءَ جي وچ تي هو.



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

## سڪندر جي ڪاهه جي ڳالهه

عيسوي سنه کان 300 ورهيه اڳي يونان جي مشهور حاڪم سڪندر، سڄيءَ دنيا کي فتح ڪرڻ جو خيال رکي ۽ سنڌ بابت واهيات خبرن ٻڌڻ ڪري جهڙوڪ: ”سنڌ ۾ وٽن ۾ ان ٿئي ٿو ۽ ماڪوڙيون راڪاسن جيڏيون آهن، جي ٽرن برن مان سون ڪنيون ٿيون اچن.“ انهن حقيقتن کي جاچڻ لاءِ ايران ۽ افغانستان فتح ڪندو، سنڌ تي چڙهائي ڪري آيو. جهلم درياءَ وٽ، پنجاب جي راجا پورس، ساٽس ڏاڍي چڪري ڪاڏي، مگر سڪندر اٽڪل ڪري فتحياب ٿيو. مگر پورس کي سندس بهادريءَ ڪري خوش ٿي ملڪ موٽائي ڏنائين. پوءِ 2000 ٻيڙا تيار ڪرائي جهلم مان لنگهي، سنڌونديءَ رستي هاٽوڪيءَ سنڌ ۾ آيو، ان وقت سنڌ جي ٽڪر ٽڪر تي جدا جدا حاڪم روءِ سوءِ راڄ ڪندو هو: الور، پٽيالا، امهوتا، برهمڻ آباد ۽ سيوستان وڏا ۽ مشهور پاڳا هئا. انهن هندن جي راجائن مان گهڻن سڪندر جي آجيان ڪانه ڪئي، تنهنڪري هن ڪاوڙجي ڪين جيتي، پنهنجي تابع ڪيو. پوءِ الور ۽ سيوهڻ ۾ قلعا ٺهرائي، پٽيالا جو شهر هاٽوڪي حيدرآباد جي پرسان ٻڌرائي سنڌونديءَ جي چوڙ تائين اچي نڪتو. ڪيس هن سفر ۾ ڪل 9 مهينا لڳا. چوڙ وٽ سمنڊ جي ويرين کان سمجهيائين ته دنيا جي حد اچي ڳولي ڪڍي اٿم تنهنڪري گهڻو لشڪر پنهنجي سردار سان سمنڊ رستي ۽ ڪجهه لشڪر پاڻ سان خشڪيءَ جي رستي وٺي پنهنجي، ملڪ روانو ٿيو. وات تي تڪليفن ۽ خوراڪ جي تنگيءَ سبب گهڻو لشڪر مري ويس. آخر پاڻ به ايشيا مئنر جي بابل شهر ۾ هڪ رات گهڻي شراب پيئڻ ڪري مري ويو.

يوناني اٽڪل 100 ورهيه پوءِ به سنڌ ملڪ ۾ رهيا جنهن ڪري:

1. يورپ سان سنڌ جو واپار جاري ٿيو.
2. هنر ۽ علم جو گهڻو سڌارو ٿيو.
3. ماڻهن، جاين ۾ گلڪاري، چٽڪاري ۽ نقاشي ڪرڻ جو هنر سکيو.
4. يوناني طب جو رواج پيو.
5. يوناني گهوڙا به سنڌ اندر چڙهائي لاءِ رواج ۾ آيا.

## (9) ستين جي ڪاهه جي آڪاٽي

يوناني کان پوءِ ستين (تاتاري) وچ ايشيا مان هڪالجي رلندا رلندا سنڌ ۾ اچي نڪتا ۽ يونانين کي هڪالي پاڻ حاڪم بنجي ويٺا. هنن 400ع تائين ڪل ساڍا 5 سؤ ورهيه راڄ ڪيو ۽ هندو ڌرم اختيار ڪري پاڻ کي جاٽ نسل مان سڏرايو. اڄ تائين ڪيترا جاٽ قوم جا ماڻهو سري واري پاڳي ۾ رهن ٿا.

## راجا وڪرماجيت جي آڪاٽي



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

مالوا ۽ اجين جي مهاراجا وڪرماجيت (وڪرم دتيہ) سنڌ ملڪ هٿ ڪيو، جنهن ستين (تاتارين) جي قوم کي ماري مڃايو. تنهن کان پوءِ اٽڪل 350 سالن تائين يعني عربن جي حملي تائين، ٻي ڪنهن بہ ڌاريءَ قوم سنڌ تي ڪاهہ ڪا نہ ڪئي ۽ اهو سارو وقت وڪرمدتيہ خاندان کان پوءِ هندن جي ٻن مشهور گهراڻن راءِ ۽ برهمڻ، سنڌ تي راڄ ڪيو.

**مشقي سوالات:**

1. قديمي سنڌ ۽ هاڙوڪي سنڌ جي ڀيٽ ڪريو؟
2. سڪندر جي ڪاهہ جو سبب ٻڌايو؟
3. ڪهڙين ڌارين قومن اچي سنڌ تي ڪاهيو؟

## (11) راءِ گهراڻي جي آکاڻي

وڪرمدتيہ گهراڻي کان پوءِ 490ع ۾ سنڌ تي راءِ گهراڻي وارن کتري هندو راجائن جو راڄ شروع ٿيو، انهيءَ گهراڻي جي هيٺين پنجن راجائن، 137 ورهيہ حڪومت ڪئي:

1 – راءِ ديواجي 2 – راءِ سهاراس 3 – راءِ سهاراسي 4 – راءِ سهاراس ٻيو 5 – راءِ سهاسي ٻيو. انهن مان پويان بہ مشهور ٿيا. راءِ ديواجيءَ 4 – 5 سال مس حڪومت ڪئي.

## (12) راءِ سهاراس ٻئي جي آکاڻي

هن جي حڪومت ۾ سنڌ جي حد اندر، افغانستان، بلوچستان، ڪشمير، پنجاب، راجپستانا، هاڙوڪي سنڌ، گجرات ۽ ڪڇ اهي اٺ ملڪ اچي ٿي ويا. راءِ صاحب انهيءَ هيڏيءَ ساريءَ حڪومت جا چار حصا 1 – برهمڻ آباد 2 – ملتان 3 – سيوستان ۽ 4 – اسڪندهہ ڪري، هر هڪ تي نائب مقرر ڪيا جي خود راجا جا مٽ مائٽ هئا. گاديءَ جو هنڌ الور عمدو شهر هو جو باغات، محلاتن، نهرن ۽ خاص ڪري سڪندر بادشاهہ واري قلعي ڪري مشهور هو. درياءَ ڀرسان وهنڌڙ هوس جهنڪري واپار جو مکيہ مرڪز هو. راجا وٽ تمام وڏو لشڪر پهلوانن جو هو. سندس نائبن وٽ بہ لشڪر هو، ان جا مهندار اهي نائب هئا ۽ خود راجا بہ جنگ وقت لشڪر جو اڳواڻ ٿيندو هو.

هن راجا جي وقت ۾ نيهروز ايراني بادشاهہ ڪڇ ۽ گجرات کي ڦرڻ لاءِ راءِ تي ڪاهي آيو، جنهن سان راجا وڙهندي مارجي ويو ۽ ايراني ملڪ ويران ڪري موٽي ويا پوءِ راءِ سهاسي ٻيو پيءُ جي تخت تي ويٺو.

## (13) راءِ سهاسي ٻئي جي آکاڻي



سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

حشمتي، تجويزي، عادل ۽ رعيت کي راضي رکندڙ راجا هو. هن خيال ڪيو ته ملڪ کي وري اڳئين اوج تي آڻجي، تنهنڪري ٻن صلاح ڪارو زيرن رامراءِ ۽ چچ جي مدد سان ملڪ ۾ هيٺيان سدارا ڪيائين. سدارا: 1 – رعيت تان ڍلون گهٽ ڪري ٺهرايلن وقتن تي قسطون ڪري ونڻ. 2 – لشڪر ۽ سرڪاري نوڪرن کي مهيني سر مهيني پگهار ڏيڻ. 3 – ملڪ ۾ کوهه کوٽائڻ وڻ پوکائڻ، رستا ۽ مسافرخانا ٺهرائڻ. 4 – ان تي خراج ڪن ملڪن جي زميندارن تان معاف ڪيائين جن وري الور، سيوستان، اچ، ماتيلي، ماڌ، سوريءَ ۾ مضبوط قلعا ٺهرائي ڏنس. انهيءَ طرح ملڪ جو بچاءُ به پوريءَ طرح ڪيائين پاڻ پنهنجي سر ملڪ جو گشت ڪري ماڻهن جو اهنج ايذاءُ لاتائين.

### (14) رامراءِ وزير جي آڪاڻي

راءِ سهاسي ٻئي جو وزير، بلڪل سياڻو ۽ پڙهيل ماڻهو، ملڪ جي ڪاروبار هلائڻ ۾ راجا کي سهڻي صلاح ڏيندڙ هو. هن لکپڙهه جي ڪم لاءِ هڪڙي پڙهيل برهمڻ چچ کي پاڻ وٽ منشي ڪري رکيو.

### (15) چچ جي آڪاڻي

هيءُ سيڪاحي برهمڻ جو پٽ هو ۽ عام برهمڻ وانگر پنهنجو قوت گذران بيک تي ڪندو هو، هڪ ڏينهن رامراءِ وزير وٽ دان وٺڻ لاءِ آيو. جنهن سندس سونهن، چالاڪي مٺي زبان تي خوش ٿي، ڪانئس لکپڙهه جو امتحان وٺي، ڪيس پنهنجو منشي مقرر ڪيو، راءِ سهاسيءَ ڪيس رامراءِ پير مرد وزير جي مرڻ تي وڏو وزير ڪيو. جتان پوءِ هيٺينءَ طرح راجا بنيو.

### چچ جو راجا بڻجڻ:

هڪڙي ڏينهن چچ کي ضروري ڪاغذ راءِ سهاسيءَ وٽ ڪڻي ويو. راجا ان وقت پنهنجي راڻي سونهن ديويءَ (سهنديءَ) سان محلات ۾ ويٺو هو. چچ کي راجا پنهنجي پٽ برابر سمجهندو هو، تنهنڪري ڪيس اندر اچڻ جو حڪم ڏنائين. چچ اندر ته ويو پر راڻي هن جي سونهن سوڀيا ۽ چترائيءَ جي ڳالهائڻ تي موهت ٿي پيئي ساڻس دولابي محبت ۾ ريجهي ويئي. راڻيءَ جي راضپي ڪري چچ هيڪاري راجا وٽ برڪ ٿيندو ويو ۽ راجا جي گهر ۾ اچڻ وڃڻ لڳو. هڪ ڏينهن راءِ سهاسي ٻيو سخت بيمار ٿيو: تڏهن راڻيءَ ۽ چچ ٻنهي ٻڌي ڪري، راجا جي ويجهن عزيزن کي ڳجهه ڳوهه ۾ مارائي، پڌرو ڪيو، ته ”هنن تخت لاءِ پاڻ ۾ وڙهي، هڪ ٻئي کي ماري وڌو آهي، راجا کي انهيءَ ڳالهه جو ڏاڍو ارمان ٿيو آهي ۽ بلفعل چچ کي سڀ ڪم


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڪار هلائڻ جي اختياري ڏني اٿس." سنت ئي راجا 632ع ۾ مري ويو. ڪيس اولاد ڪو نہ هو؛ انهي ڪري چچ، راڻي جي صلاح سان تهي تڪي راجا بڻجي ويٺو.

(اهو وقت سنہ 10هہ هو. ان وقت عربستان ۾ حضرت ابوبڪر صديق جي خلافت هئي)

**مشقي سوال:**

1. راءِ گهراڻي جي راجائن جا نالا ڏيو، منجهائن مشهور راجا ڪهڙا ٿيا آهن.
2. راءِ سهاراس ٻئي جي هٿ ۾ ڪهڙو ملڪ هو، سو نقشي تي ڏيکاريو؟
3. راءِ سهاسي ٻئي ڪهڙا سڌارا ڪيا ۽ ڪنهنجي مدد سان؟
4. راءِ گهراڻي جي پڇاڙي ڪهڙيءَ طرح ٿي ۽ ڪڏهن؟

## (16) برهمڻ گهراڻي جي حاڪمن جي نالا

هن گهراڻي جا ٽي راجائون ٿيا: 1 – راجاچچ 2 – راجا چندار 3 – راجا ڏاهر

## (17) راجا چچ جي آڪاڻي

راءِ مهرت، راءِ سهاسي ٻئي جي پاءُ، چتور جي راجا کي جڏهن خبر پيئي، تہ چچ ٺڳيءَ سان راڄ هٿ ڪيو آهي، تڏهن جنگ ڪرڻ لاءِ سنبري آيو. الور جي ٻاهران جنگ لڳي، رتو چاڻ گهڻي ٿيڻ ڪري، مهرت، چچ ڪي چوائي موڪليو، تہ "رعيت بي گناهہ ماري، تنهن ڪان اچ تہ تون مان هڪ ٻئي سان وڙهي نبيرو ڪريون." هٿ بہ چچ پنهنجيءَ دغا بازيءَ سان مهرت تي هيئينءَ طرح فتح پاتي: چچ جواب موڪليس تہ "آءُ برهمڻ آهيان، پيادو وڙهندس." مهرت پيادو وڙهڻ لاءِ ميدان ۾ آيو، پر چچ، جنهنجو نوڪر گهوڙو سنبرايو وڻ جي اوٽ ۾ بيٺو هو، ۽ سندس لشڪر پڻ وٽن ۾ لڪو ويٺو هو. تنهن مهرت جي پرسان ايندئي گهوڙي تي چڙهي مهرت جي سسي ترار سان ڌار ڪري ڇڏي ۽ سندس لشڪر چتور جي لشڪر تي اوچتو غالب پيو، جنهنڪري مهرت جا ماڻهو ڪي مئا ۽ ڪي ڀڳا، اهڙيءَ ريت چچ چتور پڻ هٿ ڪيو.

چچ هينئر بي خطر راجا بنجي، راڻي سونهن ديويءَ سان شادي ڪئي؛ جنهن مان ڪيس بہ پٽ ڏاهر ۽ ڏهر سين ۽ هڪ ڌيءَ پريم ديوي (ٻائي) ڄائي. پوءِ چچ، راءِ سهاسيءَ وانگر ملڪ جو گشت ڪري، ملڪ کي سڌارڻ جي گهڻي ڪوشش ڪئي، پر جيئن تہ پاڻ اڪيلو هو ۽ ڪيس رامراءِ جهڙو نمڪ حلال ۽ نيڪ صلاح مددگار ڪو نہ هو، پاڻ گهڻو وقت جنگين ۾ وڃايائين، اندر هڪڙي ۽ ٻاهر ٻي رکڻ سان حڪومت هٿ ڪيائين ۽ پنهنجي مهربان ۽ نيڪ راجا سان نمڪ حرامي ڪيائين، تنهنڪري جئين چوڻي آهي تہ "جهڙو راجا تهڙي پرجا" وارو حال ٿيو. يعني رعيت ۾ بہ سندس


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

جهڙا دغاباز، فريبي، رهزن ۽ ٻين جي ملڪيت جا تاڪائو ماڻهو پيدا ٿيا. چچ پوءِ 1 – بابيہ 2- ڪرمان (ايران جو پاڳو) 3 – لس ٻيلو 4 – مڪران بہ تابع ڪري، انهن جي حاڪمن تي ڍل مقرر ڪئي. هيءُ راجا 40 سال راڄ ڪري 672ع ۾ مري ويو. ڪانئس پوءِ پاڻس چندار تخت ڏٽي ٿيو.

## (18) راجا چندار جي آڪاٽي

هيءُ الور جو ٻائو هو ۽ اگرچہ برهمڻ هو تہ بہ ٻڌ ڌرم ڪي ڏاڍو زور وٺايائين ۽ ٻڌ جون مڙهيون نهرايائين. هندستان جي ٻين راجائن سان دوستيءَ جو ناتو ڳنڍيائين. آخر 7 سالن جي راڄ بعد قنوج جو راجا مٿس ڪاهي آيو، جنهنجي هٿان جيتيجي مري ويو ۽ ڏاهر چچ جو پٽ راجا ٿيو.

**مشقي سوال:**

1. برهمڻ گهراڻي جي پهرئين راجا جو بيان ڪريو؟
2. ”ٻاهر ٻولي هنجهہ جي، اندر ڪارو ڪانءُ“ اها چوڻي ثابت ڪريو؟
3. ”جهڙو راجا تهڙي پرجا“ جو مثال تواريخ مان ڏيو؟
4. چچ جيتوڻيڪ ملڪ جي نظرداري ڪئي، تہ بہ سندس وقت ظلمن ٿيڻ جو ڪهڙو سبب هو؟

## (19) راجا ڏاهر جي آڪاٽي

راجا ڏاهر جي تخت نشين ٿيڻ وقت هڪ جو تشيءَ اڳ ڪٿي ڪئي، تہ ”جيڪو ڏاهر جي ڀيڻ ٻائي سان شادي ڪندو، سو سنڌ جو والي ٿيندو.“ (ٿيو بہ ائين) انهيءَ تي راجا ڏاهر، پنهنجيءَ ڀيڻ سان شادي ڪرڻ جو پڪو خيال ڪري، پريم ديويءَ ٻائي کي پنهنجي ڀاءُ ڌهرسين وٽان برهمڻ آباد مان گهرائي، ساڻس نالي جي شادي ڪئي جنهن تي پاڻس ڌهرسين هيءُ ڪنياءُ ٻڌي مٿس ڪاهي آيو، پر هوءُ الور جو دروازو لنگهيو، تہ هڪ زهري نانگ جي ڏنگ لڳڻ سبب مري ويو. (جو نانگ چون ٿا، تہ ”ڏاهر جي جادوگرن جو بنايل هو.“) راجا ڏاهر پوءِ ڪيترا سال سک ۽ آرام سان راڄ ڪيو.

ڏاهر جي راڄ کي 33 سال مس ٿي تہ سرنديب (ساون) ٻيٽ ۾ اسلامي خليفي وليد جي رعيت مان ڪن عربي سوداگرن جي فوت ٿيڻ ڪري، ان ملڪ جي راجا، سوداگرن جي يتيم ٻارن کي جن ۾ ڪي چوڪريون بہ هيون، سندن مال متاع سميت خليفي ڏانهن موڪليو. اهي ٻيڙيون جڏهن ديبل بندر وٽ آيون، تڏهن راجا ڏاهر جي ملڪي قورن مٿن ڪاهہ ڪري، ماڻهن کي قيد ڪيو ۽ سندن سامان هٿ ڪيو. انهيءَ


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڦرجي راجا ڏاهر، خليفي جي پيغام تي بہ جاچ ڪا نہ ڪئي، پر مورڳو بي پرواهيءَ سان جواب ڏنو، تہ ”انهيءَ هنڌ چور ۽ ڦورو مون ڪان زور آهن.“ جيتوڻيڪ اهو هنڌ سندس راڄ ۾ هو ۽ اتي سندس پورو بندوبست ڏرمي خواه حڪمرانيءَ جو رکيل هو.

## مسلمانن جي آڪاٽي

عربستان جو هڪ وارياسو ۽ غير آباد ملڪ آهي. انهيءَ ملڪ ۾ اڳي جهنگلي قومون رهنديون هيون جي پنهنجا ڌڻ ۽ گلا وٺي چاري جي ڳولا ۾ رلنديون وتنديون هيون. هميشہ هڪ ٻئي ۾ وڙهنديون وتنديون هيون.

ڪي چون ٿا تہ ڪراچي بندر ڪي ديبل بندر نالو مليل هو ۽ ڪن جو چوڻ آهي تہ ڪراچيءَ ۾ ٺٽي جي وچ ۾ هڪ ڪاريءَ تي ديبل بندر هو.

مسلمانن جو اصل نسل: تاريخ 22 اپريل 571 ۾ عربستان ملڪ جي مڪي شهر ۾ حضرت محمدﷺ جو تولد ٿيو، جنهن عربستان جي ملڪ ۾ مسلماني مذهب جاري ڪيو. ڪيترا ماڻهو اسلامي مذهب ۾ اچي شامل ٿيا. حضرت جن ماڻهن ڪي فرمايو تہ ٻين ڪي بہ اسلامي دين تي آڻيو، اهڙيءَ طرح سان عربستان حضرت جن جي جيئري اسلامي دين تي آيو. حضرت جن سنہ 632ع ۾ هن جهان مان لاڏاڻو ڪيو. سندن خلافت جي گاديءَ تي حضرت ابوبڪر جن ويٺا. وقت بوقت هڪ ٻئي پٺيان ٻيا خليفا عربستان جا ٿيندا آيا.

مسلمانن جو زور وٺڻ: انهن خليفن ۽ عربستان جي مسلمانن جي ڪوشش سان ٻين ملڪ جيئن تہ ترڪستان، ايران، افغانستان ۽ عربستان جي آس پاس وارن ملڪن ۾ مسلماني مذهب پڪڙي جي ويو. عربستان جي خليفن وقت بوقت سنڌ تي لشڪر چاڙهي موڪليا ٿي، پر اڪثر اهي هار ڪائي پوئتي موٽي ويا ٿي. ڪي مسلمان هندو راجائن جي وقت ۾ سنڌ ۾ بيٺڪ ڪري ويجهي ويا نيٺ جڏهين عربن جون ٻيڙيون ديبل بندر وٽ ڦرجي ويون، تنهن ڪان پوءِ مسلماني بادشاهي سنڌ ۾ شروع ٿي.

## (21) عربن جي بزيل جي هٿ هيٺ ڪاهہ جي آڪاٽي

حجاج محمد هارون، خليفي وليد جي نائب ڪي ٻيڙين جي ڦرجڻ جي جڏهن خبر پيئي تڏهن هن يڪدم خليفي وليد صاحب (جو ان وقت عربستان جو خليفو هو) ڪي ان جو اطلاع ڏيئي، سندس پاران راجا ڏاهر سان لکپڙهہ شروع ڪئي. مگر راجا ڏاهر ڪان متئين اڻ وڻندڙ جواب ملڻ ڪري، ڪاوڙجي بزيل ڪي 3 هزار لشڪر سان ديبل ڏانهن موڪليائين پر بزيل جنگ ۾ مارجي ويو.

## (22) محمد قاسم جي ڪاهہ جي آڪاٽي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

حجاج بزيل جي مرڻ جي خبر ٻڌي غمگين ٿيو ۽ سخت ڪاوڙيو تنهن ڪري خليفي وليد صاحب کان اجازت وٺي، پنهنجي ڀائٽي محمد بن قاسم (عماد الدين) ثقفيءَ کي جو 14 ورهين جي عمر کان وٺي لشڪر جو مهندار ٿي رهيو هو ۽ ان وقت 17 ورهين جي ڄمار ۾ ايران جو گورنر هو، 6 هزار لشڪر سان سنڌ تي چاڙهي موڪليو. محمد بن قاسم هوشيار سپهه سالار هو ۽ ننڍيءَ عمر کان وٺي جنگي ڪمن ۾ ماهر هو واٽ تي منزلون ڪرڻ وقت به ڪيترو جنگي سامان خريد ڪيائين. آخر شيراز ۽ لس ٻيلي جون به منزلون ڪري ٽئين منزل ديبل بندر ۾ اچي ڪيائين. اتي حجاج وٽان ٻيڙين جي رستي ٻيو به ڪيترو جنگ جو سامان منجنيق (پٿرن اڇلائڻ وارين ڪلن) سميت اچي مليس.

محمد بن قاسم ان ڏينهن حجاج جي حڪم تي ديبل جي وڏي مندر جو نشان پٿرن اڇلائڻ سان ڊاٺو، جنهن تي هندن جا ڇيهه ڇڄي پيا ۽ وائڙا ٿي ويا، سنڌن مهندار جيپال (راجا ڏاهر جو پٽ) به مارجي ويو. ان کان پوءِ محمد بن قاسم 4 منزل نيرن ڪوٽ ۽ 5 منزل سيوستان ۾ ڪري اهي هٿ ڪيا ۽ اتي نائب ڇڏي ڇهين منزل الور ۾ ڪرڻ جو خيال ڪيو. اتي حجاج وٽان به حڪم مليس ته هاٿي سڌو ڏاهر تي ڪاهه ڪر. تڏهن محمد بن قاسم اڳتي وڌيو ۽ الور جي سامهون اچي درياءَ تي ٻيڙين جي پل ٺهرائي، لشڪر سميت پار لنگهيو. راجا ڏاهر اها خبر ٻڌي، وائڙو ٿي ويو ۽ نجومي گهرائي ڪانئون پنهنجو بخت پڇڻ لڳو. جن چيس ته ”فتح عربن جي آهي. ڇاڪاڻ ته شڪر جو تارو هنن جي پوئتان ۽ تنهنجي اڳيان آهي.“ پر راجا ڏاهر بهادر مڙس هو تنهن واڪو ڪري چيو ته ”آءُ شڪر کي پنهنجي پٺيان ڪندس ۽ ڪٽندس“ پوءِ شڪر جو سونو پتلو گهرائي هاٿيءَ جي پالڪيءَ پوئتان ٻڌائي ڇڏيائين.

الور جي جنگ: الور ۾ راجا ڏاهر جي طرفان ڦهريائين سندس ٻيو پٽ ۽ لشڪر جا سپهه سالار 5 ڏينهن تائين وڙهندا رهيا، پر شڪستون ڪائيندا ڪي مارجي ويا ۽ ڪي ڀڄي ويا. آخر ڇهين ڏينهن خود راجا ڏاهر اڇي هاٿيءَ تي سوار ٿي، ٻيا سؤ هاٿي ۽ لشڪر ساڻ ڪري جنگ جي ميدان ۾ آيو. اهو ڏينهن 10 رمضان هو، جنهنڪري عربن روزن هئڻ سبب جوش سان ويڙهه ڪئي. عربن جا گهوڙا هاٿين کان ٿهڻ لڳا، تنهنڪري محمد بن قاسم هاٿين کي تاهڻ لاءِ هيٺين تجويز ڪئي: ڇا ڪيائين جو تير گندرف جي پاٽيءَ ۾ پسائي ڇوڙائڻ لڳو، تيرن جي ڇٽنگن ۽ تجلن ٽيڻ ڪري هاٿي ٿهي پنهنجا ماٿهو لتاڙڻ لڳا، نيٺ هڪ عرب تير انداز سڌو ڏاهر جي هاٿيءَ تي ٻرندڙ تير نشان ڪيو، جنهن ڪري پالڪيءَ کي باهه لڳي ۽ هاٿيءَ جي بدن تي به باهه جو اثر ٿيو، هاٿي ان ڪري ٿهي وڃي گجريءَ جي ڍنڍ ۾ پيو، اتان به نڪري راجا ڏاهر پيادو جنگ ڪرڻ لڳو، پر نيٺ بهادريءَ سان وڙهندي مارجي ويو. اهو حال ڏسي الور جي لشڪر ڀاڄ ڪاڏي تڏهن راجا ڏاهر جي ماٽهن کي سندس پيڻ راڻيءَ ٻائيءَ ويڙهه


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

ڪرڻ لاءِ همٿايو ۽ لشڪر گڏ ڪري چڪري ڪاڍي، پر هارائي پاڻ ۽ لشڪر ۽ ٻيون عورتون چڪياتي چڙهيون.

محمد بن قاسم جو موت: ڏاهر جون ٻه ڌيئر جڏهن خليفي وليد وٽ پهتيون تڏهن محمد بن قاسم تي ڪوڙو الزام رکيائون، جنهنڪري خليفي ڪاوڙجي محمد بن قاسم کي مارائي ڇڏيو. خليفي کي جڏهن سچ جي خبر پيئي، تڏهن ڏاڍو ڏک ٿيس ۽ ڇوڪرين کي ڇيڇلائي مارائي ڇڏيائين.

## (23) هندو راجائن جي وقت ۾ ملڪ جي حالت

هندن جي زماني ۾ راجا کي هر قسم جو اختيار هوندو هو ۽ پنهنجي وزير جي صلاح سان جيئن وڻندو هوس تيئن ڪندو هو. جدا جدا ڀاڱن لاءِ ننڍا حاڪم وڏي راجا جي هٿ هيٺ هوندا هئا. اهي اڪثر راجا جا ويجها مائٽ هوندا هئا. برهمڻ جو گهڻو زور هو ۽ راج دربار ۾ به سندن مان وڏيڪ هو. ڪيترا برهمڻ جوتشي ۽ نجومي هئا، جن جي صلاح سان راجائون وڏا وڏا ڪم ڪندا هئا. ملڪ ۾ سچائي گهڻي هئي. هن وقت جي مقابلي ۾ اناج، گهه ۽ ٻين شين جا اگهه گهڻو گهٽ هئا. وڏن شهرن ۾ چورن ۽ ڌاڙيلن جو البت بندوبست هو، پر ننڍن ڳوٺن ۾ هر ڪو ڳوناٽو پنهنجو بچاءُ پاڻ ڪندو هو ۽ پنهنجي مال ۽ جان جي بچاءُ لاءِ هر ڪو پاڻ سان هٿيار رکندو هو. راجا هميشه وڏو لشڪر رکندو هو ۽ جنگ وقت پاڻ به جنگ ڪندو هو. اڄ وانگي شاهي رستا، پليون، ۽ ٻيو عيش عشرت جو سامان ڪين هو. ڪاسبي ماڻهو هڪ ٻئي کي مدد ڪندا هئا. واپار گهڻو گهٽ هو.

### مشقي سوالات:

1. راجا ڏاهر ڀيڻ سان شادي ڇو ڪئي؟ ڏاهرسين ڪير هو ۽ ان جو موت ڪئين ٿيو؟
2. عربن جي ڪاهه جو ڪهڙو سبب هو، محمد بن قاسم جو ڪجهه احوال ڏيو؟
3. محمد بن قاسم ديبل بندر ڪيئن فتح ڪيو؟
4. درياءَ پار لنگهڻ ۽ سوني پتلي جو احوال ڏيو؟
5. محمد بن قاسم هاٿين کي تاهڻ لاءِ ڪهڙيون تجويزون ڪيون؟

## (24) عربن جي حڪومت جي ڳالهه

عربن جي هيڏيءَ ساريءَ شهنشاهيت جي گادي بغداد ۾ هئي. جتي عربن جي ٻن مشهور گهراڻن بني اميه ۽ بني عباس جا خليفا رهندا هئا. انهن جي پاران سنڌ ۾ نواب حڪومت هلائيندا هئا، جي هڪ ٻئي پٺيان بغداد مان مقرر ٿي ايندا هئا. انهن نوابن سنڌ جي سموري پيدائش مان ڪجهه ٿهرايل رقم بغداد جي شاهي خزاني ۾ سال بسال پهچائي ٿي ۽ باقي رقم ملڪ جي سڌاري، واڌاري، تعليم، هنر ۽ واپار ۾


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

لڳائي ٿي. انهن صوبن سنڌ ۾ هيٺيان سڌارا ڪيا:

1. **ملڪي ۽ لشڪري بندوبست:**

ملڪي ۽ حسابي ڪم ڏيهي سنڌي ماڻهن جي حوالي هو. لشڪر موجود ڪرڻ لاءِ به ڏيهي سنڌي ماڻهن مان ڪي سردار ۽ جاگيردار مدد ڪندا هئا. ان جي عيوض ڪين زمينون ۽ جاگيرون انعام ملنديون هيون. لشڪر ۾ ڏيهي سنڌي ماڻهو به هئا، جن کي پري پري ملڪن فتح ڪرڻ لاءِ موڪليندا هئا.

2. **تعليمي بندوبست:**

تعليم، شاهه ڪان وٺي گدا تائين هر هڪ انسان کي ملندي هئي، وڏن شهرن ۾ عربي سرڪاري خرچ تي مڪتب ۽ عاليشان مدرسا هئا. سنڌ جي گاديءَ واري شهر ۾ به هڪ عاليشان مدرسو طب، عربي، پارسي، ۽ علم هيئت (آسماني علم) سيکارڻ لاءِ خليفي هارون الرشيد (بني عباس خاندان) جي ڏينهن ۾ پيو هو. ڳوٺن ۾ مڪتب هئا، جن جا ملا پڇنديءَ وارن کان ساليانو يا شاگردن کان جمعي جمعي تي هڪ پئسو وٺندا هئا. غريبن کي تعليم ته مفت ملندي هئي، پر ڪاڌو ۽ ڪپڙو به مفت خيرات طور ملندو هون، ڇو ته ماڻهو خيرات ڏيڻ جا ڏاڍا خواهان هئا.

3. **عربن جو انصاف:**

ڳوٺ ڳوٺ ۾ مسلمانن لاءِ قاضي ۽ هندن لاءِ پئنچ ۽ مکي انصاف ڪندڙ هئا. جن کي پورو پورو حق حاڪمن کان انصاف ڪرڻ مليل هو، ڏهارين کي سزا به اهي ڏيندا هئا. سندن مٿان وڏن شهرن ۾ مشهور آزمودي وارا قاضي رهندا هئا، جن کي پگهار جي عيوض جاگيرون مليل هيون، اهي اپيلون به ٻڌندا هئا. جيڪڏهن ٻه هندو پاڻ ۾ وڙهندا هئا، ته پئنچائت ۽ مکي فيصلو ڪندو هو. جيڪڏهن هندو ۽ مسلمان پاڻ ۾ اٽڪندا هئا، ته پوءِ قاضي فيصلو ڪندو هو.

4. **عربن جي ڏينهن ۾ واپار:**

عرب واپاري ماڻهو هئا، سندن هٿ ۾ تمام گهڻا ملڪ هئا، تنهنڪري عربي حڪومت ۾ واپار تمام زور ورتو. سنڌ جو واپار قافلن رستي غزني، قنڌار، سيستان، خراسان ۽ ترڪستان سان؛ سمنڊ جي رستي چين، سلون، ملبار ۽ عربستان سان هلندو هو. تنهن کان سواءِ ٻيڙين جي رستي ڳوٺن ۽ شهرن جو واپار سنڌونديءَ تي گهڻو هلندڙ هو. ملبار مان ٻيڙين جي لاءِ ڪاٺ ايندو هو، عربستان مان گهوڙا ۽ کجور ايندي هئي. اهڙيءَ طرح ٻين ملڪن سان به واپار هلندو هو.

5. **پيدائش:**

i. ٻاهران آيل مال تي محصول وٺندا هئا.

ii. زمين تي ڍل: زميندار کان سرڪاري واهن جي پيچ واريءَ آباديءَ تان پيدائش جو 2/5، ٻين خانگي واهن يا ٻئي نموني سان ٽيل آباديءَ جو


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

10/2، کوهن، ڍنڍن، چشمن ۽ برسات تي ٿيل فصل جو 2/1 ونبو هو.

6. **في آسامي ۽ زڪوات:**

في آساميءَ جي معنيٰ آهي هر هڪ ماڻهو. هيءَ هڪ قسم جي ڍل هئي، جا فقط هندن کان ونڻ ۾ ايندي هئي. هن کي جزيہ بہ چوندا هئا. في آسامي، زالن، ٻارن، پوڙهن نہ ڪمائڻ جهڙن ماڻهن، بيمارن، سرڪاري نوڪرن ۽ سپاهين کان سواءِ باقي هندو ماڻهن کان هن طرح ونڻ ۾ ايندي هئي: شاهوڪارن کان 48 درم (16 روپيہ) ۽ موچاري پيدائش وارن کان 24 درم (8 روپيہ) غريبن کان 16 درم (4 روپيہ) ساليانو ونڻ ۾ ايندو هو. مسلمانن کان وري سندن پيدائش جو 1 /20 ونندا هئا، جنهن کي زڪوات چوندا هئا. اڄ تائين ڪي مسلمان پنهنجي پيدائش مان حصو 1 /40 حصو زڪوات يعنيٰ خيرات ڪندا آهن، جو شريعت موجب زڪوات ڪرڻ هڪ مسلمان جو فرض آهي. هندو في آسامي ڍل ڏيندا هئا، تنهنڪري جنگي خدمت کان هو آزاد هئا. عربن ڪل320 ورهيہ راڄ ڪيو، هيتري عرصي راڄ ڪرڻ ڪري، عربن جو تمام گهڻيون نشانيون سنڌ ۾ آهن:

**عربن جو نشانيون:**

1. عربي سنڌي زبان ۽ ان جو گرامر.
2. عربستان جي ڪتل ۽ ڪارڪون.
3. ماڻهن ۾ علم سکڻ ۽ مهمانداري ڪرڻ جو شوق.
4. مسجدون ۽ مقبرا.
5. عربي گهوڙا.
6. عربن جون خالص قومون جهڙوڪ: سيد، صديقي، عباسي، انصاري ۽ ميلاپي قومون. جهڙوڪ: ٿهيم، سومرا ۽ دائود پوٽا وغيره آهن.

## مشقي سوالات

1. عربن، تعليم، واپار، ملڪ ۽ لشڪر جو ڪهڙو بندوبست رکيو؟
2. عربن جي پيدائش جا ڪهڙا نمونا هئا؟
3. عربن جون ڪهڙيون نشانيون آهن؟

## (25) غزنيءَ سان سنڌ جي لڳڻ جي آکاڻي

بغداد جي خليفي قادر با الله جي ڏينهن ۾ افغانستان جو حاڪم سلطان محمود غزنوي هو، جنهن تي سندس دربار جي شاعر، حسن فردوسيءَ ”شاهنامي“ جي رقم پوري نہ ملڻ سبب ٽوڪ لکي وجي بغداد ۾ خليفي وٽ پناهہ ورتي. سلطان، فردوسيءَ جي ٻانهن خليفي کان گهري، پر خليفي پناهہ ڏنل ماڻهوءَ کي دشمن جي حوالي ڪرڻ واجب نہ سمجهي، ٻانهن ڏيڻ کان ناڪار ڪئي، تنهنڪري محمد غزنوي ڪاوڙجي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

سنڌ تي چڙهائي ڪئي ۽ ملتان فتح ڪري، پنهنجي وزير عبدالرزاق کي سنڌ فتح ڪرڻ لاءِ موڪليائين ۽ پاڻ سومنات مندر تي ڪاهي ويو. عبدالرزاق پهريائين سيوهڻ تائين ملڪ فتح ڪري، پوءِ ٺٽو هٿ ڪيو. هن عربن جي نوابن کي سنڌ مان تڙي ڪڍيو مگر، ٻيا عرب ماڻهو جي سنڌ ۾ ڏيهي ٿي ويا هئا، تن کي هڪالي نه سگهيو. پوءِ ساري سنڌ فتح ڪري سومرن مان (اها قوم ان وقت سنڌ ۾ زور هئي) ابن سومرن کي 1032ع ۾ نواب مقرر ڪري موٽي ويو.

## (26) سنڌ جو غزنويءَ ڪان ٽٽڻ ۽ سومرن جي خودمختيار ٿيڻ جي آکاڻي

سومرن 1032ع کان 1051ع تائين غزنويءَ جي تابعداري مڃي، پر پوءِ محمود غزنوي مري ويو ۽ سندس پٽ عبدالرشيد غزنويءَ جو حاڪم ٿيو. جو عياش سست ۽ ڪمزور هو، جنهن ڪري وجهه وٺي، ابن سومار خود مختيار ٿيو ۽ غزنويءَ ڏانهن ڍل موڪلڻ بند ڪيائين. انهيءَ طرح سنڌ غزنويءَ کان جدا ٿي.

## (27) سومرن جي آکاڻي

سومرا اصل عراق (ميسو پوٽيميا) جي شهر سامره جا وينل عربي نسل مان هئا عربن جي حڪومت ۾ اباڻو وطن ڇڏي، سنڌ ۾ اچي رهيا ۽ آهستي آهستي زور ورتائون. هنن جا ڪل 19 حاڪم ٿي گذريا آهن، جن مان هينيان 9 مشهور آهن: 1 – ابن سومار 2 – پونگر 3 – دودو 4 – خفيف 5 – دودو ٿيون 6 – چنيسر 7 – پنگر 8 – عمر 9 – حمير. دودي پهرين ۽ خفيف ملڪ گهڻو وڌايو ۽ ڪڇ هٿ ڪيو.

## (28) دودي ٽئين جي آکاڻي

هي سيني سومرن ۾ جوڌو جوان ۽ همٿ ڀريو حاڪم هو، هن جو نالو اڄ سوڌو پهاڪي ۾ مشهور آهي ته "مڙس ته ڪو دودو آهين!" هن کان اڳ جڏهن دهليءَ جا بادشاهه سنڌ تي ڪاهي ايندا هئا، تڏهن سنڌ جا حاڪم ازخود وڃي پيش پوندا هئا ۽ ڍل ڀري ڏيندا هئا. اهڙيءَ طرح سومرن حاڪمن جي ڏينهن ۾ سنڌ دهليءَ سان ڪچيءَ طرح لڳي وري جدا پئي ٿي. مگر دودو ٿيون، سومرن مان هڪڙو ئي حاڪم هو، جو دهليءَ جي هڪڙي زبردست حاڪم علاؤالدين سان ميرپور ماٿيلي وٽ لڙيو هو. دودي جي ماٽيجي ڀاءُ چنيسر، ڀاءُ سان گاديءَ لاءِ تڪرار ڪري، دهليءَ جي سلطان علاؤالدين کي سنڌ تي چاڙهي آندو. هن جنگ ۾ سومرن جا ڪيترا پهلوان ۽ نامور سردار ناس ٿي ويا. دودو ۽ پنگر به گهڻيءَ چٽا ڀيٽيءَ کان پوءِ مارجي ويا ۽ سومرن جي طاقت گهٽي گهٽ ٿي ويئي، علاؤ الدين چنيسر کي تخت وٺي ڏنو، جو عياشي ۽


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

شوقين عاشق جهڙو هو. راڻي ڪنگهار جي ڌيءَ ليلان، جا پهريائين پنهنجي سوٽ سان منگيل هئي، تنهن سان زوريءَ شادي ڪيائين.

## (29) عمر سومري جي آکاڻي

سومرن جو سترهون حاڪم عمر هو، هيءُ عمر ڪوٽ جو شهر ٻڌائي منجهس رهڻ لڳو، هن سڄي عمر عيش عشرت ۽ پراين زالن تڪڻ ۾ وڃائي: جيئن ته هڪڙي مارو قوم جي جوان زال مارئي جا اڳيئي ٻئي سان مڱيل هئي، تنهن کي زور سان ڪٽي پاڻ وٽ آندائين ۽ ڪيس شاديءَ لاءِ گهڻو زور لاتائين، پر مارئي ستياوان زال هئي، تنهن شاديءَ کان بلڪل انڪار ڪيو ۽ اٽڪل ساڻ پاڻ بچائي عمر وٽان نڪري ويئي. ٻيو تميم قوم جي هڪ سندر نينگري گنگا، جا هڪڙي سردارن سان پرڻيل هئي، سا ٺڳيءَ سان هٿ ڪيائين، جو انهيءَ سردار کي رات جو تمام گهڻو شراب پيئاري غافل ڪري ڪائنس زال ڦريائين. عمر جي انهن ڪڌن ڪمن ڪري سما ماڻهو جيڪي سنڌ ۾ رهندا هئا، تن مان ڪيترا ڪڇ ڏي ڀڄي ويا ۽ انهن خراب ڪمن جون دانهون دهليءَ جي بادشاهه علاوالدين تائين پهتيون؛ جنهنڪري هو عمر تي ڏاڍو ناراض ٿيو.

## (30) راجا دلوراءِ جي آکاڻي

سومرن بادشاهن جي هٿ هيٺ راجا دلوراءِ الور ۾ راڄ ڪندو هو. جيئن ته چوڻي آهي، ته ”جهڙا ڪانو تهڙا ٻچا“ انهيءَ مثال وانگر دلوراءِ به چنيسر ۽ عمر بادشاهن کان ظلم ۽ بدڪمن ۾ گهٽ ڪين هو. اڪثري روزانو پرائي ڪنواري ڪنيا تڪيندو هو ۽ پرديسي سوداگرن کان تمام گهڻو محصول وٺندو هو. هڪ دفعي هڪ سوداگر سيف الملوڪ قيمتي مال جا ٻيڙا سنڌو درياءَ جي رستي الور ۾ وٺي آيو، ساڻس سندس عورت تمام سهڻي بديع الجمال به هئي. راجا دلوراءِ سيف الملوڪ کان تمام ڳرو محصول ته ورتو، پر بديع الجمال به ڦرڻ لڳس ٿي، ته سيف الملوڪ ڏاڍيءَ در ٻاڏايو، ته ”اي ننگ پرور منهنجو ننگ بچاءِ“ هن جي ٻاڏائڻ ڪري قدرت الاهيءَ سان راتوواهه الور وٽان درياءُ ڇڏي وڃي، ٻئي هنڌان وهڻ لڳو ۽ سيف الملوڪ ٻيڙين سميت پنهنجو شرم بچائي نڪري ويو. درياءَ جي ڇڏي وڃڻ سبب الور جو سڄو ملڪ اجاڙ ٿي ويو ۽ خلق ۾ اچي بيماري پيئي، ڪي مري ويا ۽ ڪي ڀڄي وڃي ٻئي هنڌ وينا. راجا دلوراءِ نئون شهر برهمڻ آباد ٻڌائي، اتي وڃي ويٺو. چوڻي آهي ته ”هيراروءَ جي هير ٽنگ ڀڳي به نه رهي“ انهيءَ مثال وانگر راجا اڃا به بدڪمن کي ڪين ڇڏيو. هڪ دفعي خود پنهنجي ڀاءُ ڇتي جي زال ۾ به اک وڌائين، جنهنڪري ڀاڻس هٿ ڪٽي پٽيس، قهر الاهيءَ سان ڌرتي ڌٻي ۽ راجا رعيت سميت ڌرتيءَ ۾



سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڏبجي ويو. اڄ تائين چوٽي آهي، تہ ”شل دلوراءِ جي ننگريءَ وانگر ناس ٿي ويندين.“ ظلم قائم آهي پر ظلم جو کنڊ ضرور ناس ٿيندو.

## (31) حمير سومري جي آکاڻي

سومرن جو پويون يا اٽڪيهون حاڪم حمير هو. هيءُ بہ چنيسر ۽ عمر جهڙو عياش ۽ پرايون استريون تڪيندو هو. هن جو وڏو وزير ميندرو هو. جنهن گجر قوم جي هڪڙي خوبصورت زال مومل هٿ ڪئي. حمير جي مرضي ٿي، تہ مومل مون کي ملي، جنهن ڪري مومل تان پنهي بادشاهہ ۽ وزير جو تڪرار ٿيو.

## (32) سومرن جي وقت ۾ سنڌ جا اولياءَ ۽ شاعر

سومرن جي پهرين حاڪمن تمام ڏاهپ، عدل ۽ خيال سان حڪومت هلائي، مگر پوين ٽن چئن حاڪمن رعيت کي ڏاڍو تنگ ڪيو، جنهن ڪري قهر الاهي نازل ٿيا ۽ شهر ناس ٿيا. انهن پوين حاڪمن جي وقت ۾ سنڌ ۾ وڏا اولياءَ ۽ شاعر آيا، جهڙوڪ شيخ ذڪريا ملتاني، شڪر گنج دهلي، شيخ عثمان شاه مروندي (قلندر شهباز)، امير حسن ۽ امير خسرو شاعر دهلوي جن جي رحمت ۽ برڪت سان سنڌ وڏين وڏين خدائي آفتن کان بچي ويئي، نہ تہ جهڙو انڌير ۽ بغداد سنڌ ۾ هو، تهڙو سنڌ جو نالو بہ دنيا ۾ نہ رهي ها.

## (33) سومرا خاندان جي بربادي‌ءَ جي آکاڻي

پوئين سومري حاڪم حمير جي ظلمن، ڳرن ڏلن، شراب خوري‌ءَ ۽ بدلچڻن ڪري رعيت سومرن کان بيزار ٿي، نيٺ رعيت جي عرش تائين ويندڙ دانهن ۽ آهن اثر ڪيو: انهن ڏينهن ۾ سما ماڻهو سنڌ ۾ زور هئا. تن رعيت سان شامل ٿي حمير کي ماري پنهنجي سردار ڄام انڙ کي گاديءَ تي ويهاريو. انهي موجب سومرن جي حڪومت 1051ع کان 1351ع تائين 300 ورهيہ هلي.

### مشقي سوالات:

1. سنڌ، غزنيءَ جي تابع ڪيئن ٿي ۽ وري خود مختيار ڪيئن ٿي؟
2. سومرا اصل ڪير هئا ۽ هت سنڌ ۾ ڪيئن آيا؟
3. سومرن جي مشهور حاڪمن جا نالا ڏيو ۽ ٻڌايو، تہ اهي ڪهڙين ڳالهين ڪري مشهور آهن؟
4. ”سنڌ دهليءَ سان ڪچيءَ طرح لڳي ٿي“ تنهنجو مطلب ڇا آهي؟
5. سومرن حاڪمن جون سنڌ ۾ ڪهڙيون نشانيون آهن؟



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

6. راجا دلوراءِ جو بيان ڏيو؟
7. هيٺيان پهاڪا ثابت ڪريو؟ ”مڙس ته ڪو دودو آهين“ ”دلوراءِ جي ننگريءَ وانگر ناس ٿيڻ“.
8. سومرن جي وقت ۾ جيڪي مشهور اولياءَ ٿيا تن جو بيان ڏيو؟
9. ثابت ڪريو؟ ته ”رعيت جو راضپو بادشاهت جي طاقت آهي ۽ ناراضپو ڪمزوري آهي.“

## (34) سما حڪومت جي ڳالهه

سومرن کان پوءِ سمن جي حڪومت شروع ٿي، جا 1351ع کان 1521ع تائين 170 ورهه هلي. ان وقت ۾ سمن جي ڪل 17 ڄامن حڪومت هلائي معلوم ٿو ٿئي، ته سمان ماڻهو برهمڻ گهراڻي جي وقت ۾ به سنڌ ۾ هئا، ڪي منجهائن ٻڌ ڌرم جا هئا ۽ ڪي راجپوت هئا. ساميا، جيڪو ديبل ۾ چچ جي پاران حاڪم هو، سو پڻ سمو ذات جو هو. سمن اٽڪل 1091ع ۾ سومرن جي راڄ ۾ مسلماني دين اختيار ڪيو. سندن رهڻ جو هنڌ اصل سمان ننگر (سيوهڻ) هو، پوءِ حڪومت وقت ٺٽي جي اتر طرف ساموئي شهر اڏي وجي وينا ۽ پوءِ ٺٽو تخت گاهه ڪيائون.

1389ع ڌاري تيمور جي ڪاهه کان پوءِ سمن دهليءَ جي تابعيداري ڇڏي، خودمختياري حاصل ڪئي ۽ پوءِ ڪُجھ وقت سنڌ روءِ سوءِ رهي. سمن جي حاڪمن ڪي ڄام ڪري چوندا هئا، منجهائن: 1 – ڄام انڙ 2 – ڄام جوڻو 3 – ڄام تماچي 4 – ڄام خيرالدين 5 – ڄام بابينو 6- ڄام تماچي ٻيو 7 – ڄام صلاح الدين 8 – ڄام نظام الدين ٻيو 9 – ڄام فيروز مشهور حاڪم ٿيا آهن.

ڄام تماچيءَ، ڪينجهر ڍنڍ جي پرسان رهندڙن مهاڻن منجهان هڪ ڇوڪريءَ گندريءَ سان شادي ڪئي، انهيءَ ڇوڪريءَ جا لڇڻ تمام سنا هئا ان ڪري ڄام کيس گهڻو پائيندو هو.

## (35) ڄام نظام الدين ٻيو عرف ڄام نندي جي آکاڻي

هيءُ تمام گهڻو پڙهيل، انصاف پسند ۽ علم دوست حاڪم هو. ملڪ کي تمام گهڻو سڌاريائين. عقل مند، هوشيار ۽ پڙهيل آدميءَ جو گهڻو قدر ڪندو هو. تميز جو اهڙو تکو هو جو کهڙو به اڻ واقف آدمي وٽس ايندو هو، ته جهٽ سندس خيالن ۽ عادتن مان واقف ٿي ويندو هو.

ٺٽي جو ٻَڌِڻ: هن جي گاديءَ جو هنڌ اصل سمان نگر هو. هن ٺٽي جو نئون شهر ٻڌائي، اتي گادي ڪئي ۽ ٺٽي کي ڏاڍو سينگاريائين. هن جي تربت مڪليءَ جي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ٽڪريءَ تي آهي. ٺٽي ۽ مڪليءَ جو نظارو اڄ بہ ڏسڻ وٽان آهي. هن 1450ع کان 1498ع تائين ڪل 48 ورهيہ راڄ ڪيو. ڄام نندي جي پڇاڙيءَ وارن ڏينهن ۾ مغلن جو لشڪر شاهہ بيگ ارغون جي هٿ هيٺ سنڌ تي ڪاهي آيو، جنهن کي نندي وزير درياءَ خان اهڙي شڪست ڏيئي ڀڄائي ڪڍيو، جو مغل وري ڄام نندي جي ڏينهن ۾ سنڌ ۾ نہ آيا. انهيءَ فتح سبب درياءَ خان کي ڄام صاحب وڏو وزير ڪيو.

### (36) ڄام فيروز جي آکاڻي

ڄام نندي جي وفات کان پوءِ سندس پٽ ڄام فيروز جي صغيريءَ هئڻ سبب درياءَ خان قائم مقام تي حڪومت هلائڻ لڳو. جڏهن ڄام فيروز وڏو ٿيو، تڏهن اچي عيش عشرت کي لڳو، درياءَ خان جي صلاح مصلحت تي نہ هليو ۽ خود خيال تي هلڻ لڳو، مورڳو سندس زور ڀڄڻ لاءِ ارغون ماڻهو (جي شاهہ بيگ جي طرفان آيل هئا.) پاڻ وٽ نوڪر رکيائين. تنهن ڪري درياءَ خان ڪاوڙجي پنهنجو عهدو ڇڏي، جاگير ۾ وڃي ويٺو. ڪيترا ماڻهو دريا خان جو طرف وٺڻ لڳا ۽ ملڪ ۾ اچي وڳوڙو پيو. انهيءَ وچ ۾ ملڪ جو خراب حال ڏسي ڄام مائٽن مان ڄام صلاح الدين جو گاديءَ لاءِ دعويدار هو، پنهنجي نانيءَ سلطان مظفر، گجرات جي بادشاهہ سان گڏ ۽ مرزا شاهہ بيگ هڪ ٻئي ڀنيان ڪاهيو، جن کي درياءَ خان، ڄام جي منٿن ميڙن ڪرڻ تي اچي شڪست ڏيئي ڀڄايو.

### ٺلٽيءَ جي ويڙهہ

سگهو ئي پوءِ شاهہ بيگ ارغون وڏو لشڪر گڏ ڪري ٺٽي تي ٽيهر ڪاهيو، درياءَ خان ساٽس وڃي لڙيو. هن ڀيري ڄام فيروز جي اچي ڀني هئي، جو سندس نمڪ حرام ارغون نوڪرن، شاهہ بيگ کي ڳجهون واٽون ڏسي، ڄام جو خزانو شاهہ بيگ جي حوالي ۾ آندو، جنهنڪري ڄام جي لشڪر جو حال هيٺو ٿيو ۽ ڄام جو وفادار نمڪ حلال نوڪر درياءَ خان بہ وفاداري ڪندي، جنگ ۾ مارجي ويو ۽ سنڌين شڪست کاڌي. پوءِ ڄام وڃي مرزا جي پيش پيو، جنهنڪري مرزا شاهہ بيگ کيس معافي ڏئي، ٺٽي کان وٺي لکيءَ جي ٽڪر تائين ملڪ جو نواب مقرر ڪيو ۽ ٻيو سمورو ملڪ پنهنجي حوالي ڪيو، سيوهڻ ۽ بکر لاءِ مير فاضل کي نواب مقرر ڪري پاڻ واپس ويو.

هن صلاح کان پوءِ ڄام صلاح الدين (ڄام فيروز جو مائٽ) وري بہ 10000 ڏهہ هزار لشڪر سان ڄام فيروز تي ڪاهي آيو. ڄام، شاهہ بيگ کان مدد گهري. جنهن هڪ لشڪر پنهنجي پٽ مرزا شاهہ حسن جي هٿ هيٺ ڏياري موڪليس، جنگ ۾ صلاح الدين مارجي ويو ۽ مرزا جنگ کٽي، پيءُ کي باغبان وٽ اچي مليو. اهڙيءَ


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

طرح سمن جي حڪومت ارغون جي هٿ ۾ آئي. ڄاڪاڻ جو ڄام فيروز نمڪ حلال نوڪر درياءَ خان جي سچڻ پائي وساري، ڪيس دشمن سمجهيو ۽ ارغون کي پاڻ وٽ نوڪريءَ ۾ رکيو، جن آخر حڪومت ڪسايس.

### (37) درياءَ خان جي آکاڻي

هيءُ هڪ ڇورو ٻار ڄام نندي جي اباڻي وزير وٽ نوڪريءَ لاءِ آيو، جنهن مٿس رحم ڪائي، ڪيس پنهنجو حاضريءَ جو نوڪر رکيو. هڪ ڏينهن ڄام نندي پنهنجي ان وزير سان گڏ شڪار تي ويو، اتي اس ۽ گرميءَ سبب ڄام کي سخت اڃ لڳي، ڄام پاڻي گهرايو. ان وقت بہ هيءُ ڇوڪرو حاضر هو، تنهن ڄام کي پاڻي ۾ مٽيءَ ۽ ٿهن جو ٻڪ وجهي، پوءِ پاڻي پيئڻ لاءِ ڏنو. ڄام کي اڃ سخت هئي، تنهنڪري بنا ڪنهن سوال جواب جي يڪدم پاڻي پيئڻ لڳي ويو، پر مٽيءَ ۽ ٿهن سبب آهستي آهستي پيتائين. پاڻي پي بس ڪيائين، تہ هن ڇوڪري کان انهيءَ ڳالهہ جو سبب پڇيائين، ڇوڪري جواب ڏنو تہ ”حضور جن جي يڪدم پاڻي پي وڃن ها، تہ ضرور بيمار ٿين ها، تنهنڪري مٽي ۽ ٿهہ وڌم تہ آهستي آهستي پيئن“ اهو جواب ڄام کي ڏاڍو وڻيو، تنهن ڪري وزير کان سندس ٻانهن ڇڏائي، ڪيس تعليم ڏياري، سرڪاري نوڪريءَ ۾ بيهاريائين. جتي درياءَ خان چالاڪيءَ ۽ هوشياريءَ سبب ويو درجا پائيندو، آخر لشڪر جو سپهہ سالار ٿيو ۽ وڏيون وڏيون جاگيرون ڪٽيائين: ڄام نندي ڪيس وزير اعظم ڪيو ۽ ڄام فيروز جي ڏينهن ۾ حڪومت جو قائم مقام ٿيو، آخر وفاداري ڪندي پنهنجي بادشاهہ مٿان سر قربان ڪيائين.

**مشقي سوالات:**

1. سمن جي نسل بابت ڪهڙي خبر اٿوَ؟
2. سمن جي پوين ٻن ڄامن جو احوال ڏيو؟
3. درياءَ خان جي ڇچ برهمڻ سان ڀيٽ ڪريو؟
4. سمن جي پوئين ڄام ڪهڙيون غلطيون ڪيون، جنهن ڪري سندن هٿان حڪومت وئي؟
5. سمن جون ڪهڙيون نشانيون آهن؟

### (38) شاهہ بيگ ارغون جي آکاڻي (ارغونن جو اصل نسل)

چنگيز خان جي پڙپوٽي ارغون خان مغل جي نالي کان مغلن جي هڪ ذات تي ارغون نالو مليل آهي. هيءُ پنهنجي پيءُ امير ذوالنون کان پوءِ قنڌار ۽ هرات جو حاڪم ٿيو. اتان بابر مغل جو پاڻ سمر قنڌ مان ترجي آيو هو، مٿس ڪاهہ ڪري


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڪيس قيد ڪيو. جتان هڪ ڀانهي جي مدد سان نڪري، خراسان ۾ اچي، لشڪر گڏ ڪري، سنڌ تي ڪاهيائين ۽ آخر ڄام فيروز تي فتح پاتائين. شاهه بيگ جي پاران مير فاضل بکر ۾ نائب هو تنهن تي ڪن ڏارين ڪاهه ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، جن کي مير فاضل پڪڙائي مارائي ڇڏيو. اتي شاهه بيگ به اچي بکر ۾ رهيو، ڇو ته اها ٽڪري ڪيس ڏاڍي وڻي ويئي هئي. انهي ڪري الور جي ڊٺل ڪوٽ جون سرون گهرائي، بکر ۾ قلعو ۽ مغلن جا گهر ٺهرايائين. انهيءَ سوڙهه ڪري بکر جا سيد لڏي وڃي روهڙيءَ ۾ ويٺا. شاهه بيگ کين اتي رهڻ لاءِ زمينون ڏنيون، جتي اڄان سوڌو رهندا اچن، کين ڪوٺائي سيد ڪري چون ٿا.

بکر جو ڪوٽ درياءَ جي سير واري هنڌ هئڻ ڪري خوف هو ته متان درياءَ قلعي کي پائي، انهيءَ ڪري شاهه بيگ درياءَ جي وهڪري وارين لهرن جي زور ڀڃڻ لاءِ ڪوٽ واري هنڌ درياءَ جي ڪناري کي ڪي دوائون لڳارائي ڪنارو مضبوط ڪرائي ڇڏيو. انهن دوائن جو اثر اڄان تائين درياءَ جي ڪناري تي ظاهر آهي.

شاهه بيگ، مير فاضل کي ساڻ ڪري، گجرات فتح ڪرڻ لاءِ نڪتو، واٽ تي ٻئي ڄڻا بيمار ٿي مري ويا. مير فاضل جي جاءِ تي ان جو پٽ سلطان محمود بکر ۾ نواب ٿيو ۽ شاهه بيگ جي گاديءَ تي پٽ مرزا شاهه حسن نصرپور ۾ 1522ع ۾ ويٺو. شاهه بيگ ارغون دلير، بدن جو مضبوط ۽ سگهارو، پڪو مسلمان پڙهيل ۽ شريعت تي بلڪل پورو هو، ديني ڪتابن پڙهڻ ۽ لکڻ جو شوقين هو، قرآن شريف جي معنيٰ به لکي هيائين.

## (39) مرزا شاهه حسن جي آڪاٽي

پنهنجيءَ سڄيءَ حياتيءَ ۾ ڪا به جنگ ڪا نه هارايائين، هو پهلوان سپهه سالار، علم جو شوقين، مهربان ۽ انصاف پسند بادشاهه هو. پنهنجي حڪومت ڏاڍيءَ سرجوشيءَ سان هلايائين. پڙهيل ۽ هوشيار ماڻهن کي گهڻي عزت ڏيندو هو. ڄام فيروز هن تي به ڪاهه ڪئي، جنهن ڪري هن گجرات جي ڪاهه ڇڏي، ڄام کي شڪست ڏيئي ڀڄايو. ڄام فيروز درياءَ ٽپي، گجرات ويو، جتي مري ويو.

همايون جو سنڌ ۾ اچڻ: سنتئيءَ دهليءَ جي مغل شهنشاهه همايون کي شير شاهه افغان ڀڄايو، تنهنڪري هو سنڌ ۾ اچي دادوءَ جي اتر ۾ پاتر (پاٽ) نالي آڳاٽي شهر ۾ رهيو، جتي شهر جي قاضيءَ ڪيس هڪ ايراڻ عورت حميده بيگم سان شادي ڪرائي، جنهن مان ڪيس شهنشاهه اڪبر (جلا الدين احمد) عمر ڪوٽ جي منزل تي ڄائو. هينئر انگريز سرڪار عمر ڪوٽ ۾ اڪبر شاهه جي جنم واري هنڌ هڪ نشان هٽائي ڇڏيو آهي، جنهن تي سندس ڄمڻ جي تاريخ 15 آڪٽوبر 1542ع اڪريل آهي اهو هنڌ عمر ڪوٽ جي ٻاهران آهي.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

همايون جڏهن ميرپور بٺوري ۾ آيو، تڏهن مرزا شاهه حسن ساڻس اچي وڙهيو ۽ صلح ڪري ڪيس ڪجهه رقم ڏيئي، قنڌار ڏانهن روانو ڪيائين. هن جي ڏينهن ۾ سخت ڏڪار پيو هو، ايتري قدر جو ماڻهو بک ۾ پاهه ٽيڻ لڳا، هڪ پڊيءَ مائيءَ جڏهن ڏٺو، تہ منهنجا جوان پٽ بک ۾ مري ويندا، تڏهن کين چيائين، تہ ”مون کي کهي منهنجو، گوشت رڌي کاؤ“ پٽن اهڙي ڪم کان انڪار ڪيو، پر لاچار ماءُ جي گهٽي چوڻ تي ائين ڪيائون. دنيا ۾ ماتا جهڙي ٻي پياري شيءِ ڪانهي، پر بک بچڙو ٽول داناءَ ديوانا ڪري“. هن مرزا جي ڏينهن ۾ نائبن جتي ڪٿي ظلم ڪيو، جنهنڪري ڪيترن هنڌ فساد ٿيا. انهن فسادين کي مرزا ماري مچايو. نيٺ مرزا شاهه حسن 1554ع ۾ 66 ورهين جي عمر منجهه 32 سالن جي راڄ بعد بنا اولاد مري ويو، تنهنڪري حڪومت ٻئي ڪنهن وارث جي نہ هجڻ سبب سنڌس ٻن سردارن مرزا عيسيٰ ۽ سلطان محمود ورهائي ڪنئي. ارغونن جون نشانيو بکر جو قلعو ۽ درياءَ کي لڳل دوا جو نظارو آهي.

**مشقي سوالات:**

1. ارغونن جي نسل بابت توهان کي ڪهڙي خبر آهي؟
2. شاهه بيگ سنڌ ۾ ڪيئن آيو ۽ ڪيئن سنڌ ورتائين؟
3. شاهه بيگ سنڌ ۾ ڪهڙا ڪم ڪيا؟
4. ڪوتائي سيدن، پاٽ جي شهر ۽ اڪبر بادشاهه جي جنم جي نشان جو احوال ڏيو؟
5. ارغونن جون نشانيون ڪهڙيون آهن؟
6. ارغون حڪومت ڪيئن پوري ٿي؟
7. شاهه بيگ ۽ شاهه حسن جي هلت چلت جو بيان ڪريو؟

## (40) سلطان محمود جي آکاڻي (سنڌ جو ورهاڱو)

سلطان محمود، مير فاضل جو پٽ بکر جو حاڪم ٿيو ۽ مرزا عيسيٰ مرزا محمد ترخان جو پٽ ٺٽي جو حاڪم ٿيو. ٻنهي حڪومتن جي حد لکيءَ جا ٽڪر هئا.

اڪبر کي بکر ملڻ ۽ سنڌ جو دهليءَ سان لاڳاپو: هن 30 ورهيہ راڄ ڪيو، انهيءَ عرصي ۾ سندس تڪرار مرزا عيسيٰ ۽ ان جي پٽ مرزا محمد باقيءَ سان حڪومتن جي حدن تان هليو آيو، جنهنڪري ٺٽي جي حاڪمن ۽ سندس وچ ۾ ڪيتريون جنگيون لڳيون. ڪيس فقط هڪ ڌيءُ هئي، جا دهليءَ جي شهنشاهه اڪبر (جلال الدين احمد) کي پرڻائي ڏنائين، تنهنڪري سندس مرڻ بعد بکر، اڪبر بادشاهه کي شريعت موجب مليو. اڪبر پنهنجي پاران بکر جو نواب خان خانان مقرر ڪري موڪليو.

## (41) ترخان گهراڻي جي آکاڻي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

هن گهراڻي سنه 1554ع کان 1590ع تائين لکي جبلن جي ڏکڻ واري سنڌ جي پاڳي تي راڄ ڪيو، سندس گاديءَ جو هنڌ ٺٽو هو. هن گهراڻي جا ڪل ٽي بادشاهه ٿيا: 1 – مرزا عيسيٰ 2 – مرزا محمد باقي 3 – مرزا جاني بيگ. ترخانن جو نسل 1 – هي به ارغونن وانگر چنگيز خاني مغلن مان هڪ ترخان نالي مغل جو اولاد آهن. 2 – ڪن جو چوڻ آهي، ته امير تيمور ترڪ جي وقت ۾ هڪ مغل قوم جنگ ۾ چڱي پهلواني ڏيکاري، تنهنڪري انهيءَ قوم تي ترخان (رت وهائيندڙ) نالو پيو.

## (42) مرزا عيسيٰ جي آکاڻي

هيءُ خوش خلق ۽ چڱي سڀاءُ وارو ماڻهو هو، تنهن ڪري ترخان، ارغون ۽ ٻيا عام ماڻهو ڪيس گهڻو پسند ڪندا هئا. شروع ۾ سلطان محمود سان ناهه هوس، مگر پوءِ ٻنهي جي وچ ۾ حڪومت جي حد تان تڪرار هليو آيو. هن 12 ورهيه راڄ ڪيو، کيس به گهر هئا، پهرين شادي مرزا شاهه حسن جي وڌوا زال ماهه بيگم سان ڪيائين، جنهن مان محمد باقي پٽ ڄائس، ٻئي گهر مان خان باب ۽ محمد صالح به پٽ هئس.

## ٺٽي کي باهه لڳڻ

سلطان محمود ۽ مرزا عيسيٰ جي وچ ۾ ورهاست تان ناسازي ٿيڻ ڪري، مرزا عيسيٰ فرينگين کي انعام آڇي گهرايو ۽ پاڻ بکر تي ڪاهي ويو. فرينگ ٺٽي ۽ منهوڙي جي وچ ۾ جا ساموندي ڪاري هئي، تنهن ۾ دنگين تي چڙهي آيا، پر سنڌن پوري خاطر داري نه ٿي، تنهن ڪري ڪاوڙجي ٺٽي ۾ ڦر ڪري شهر کي ساڙي هليا ويا؛ تنهن ڪري مرزا عيسيٰ، سلطان محمود سان صلح ڪري پنٺي موٽيو. سلطان محمود ٻئي سال ٺٽي تي ڪاهي آيو، پر مرزا عيسيٰ کيس ٻن جنگين ۾ شڪست ڏني؛ آخر وري به ٻنهي صلح ڪيو.

## (43) مرزا محمد باقي جي آکاڻي

1566ع ۾ مرزا عيسيٰ مري ويو. مرزا محمد باقي، ماهه بيگم جي مدد سان تخت تي ويٺو. هيءُ ارغون ماڻهن کي فسادي سمجهندو هو، تنهنڪري انهن کي دعوت ڏئي مارائي ڇڏيائين. بچيل ارغونن پاڻس خان باب سان گڏجي مٿس ڪاهيو، پر ڪين ٺٽي جي ٻاهران وڏيءَ جنگ ۾ شڪست ڏنائين. هن به اڪبر بادشاهه کي ڏيءُ جو سڱ ڏنو. هن ڪيترن عالمن، پڙهيلن ۽ اوليائن تي ظلم ڪيا، جنهنڪري گهڻا وڏا وڏا ماڻهو ٺٽو ڇڏي، ٻئي هنڌ وڃي ويٺا، تنهنڪري ٺٽي جي رونق گهٽجڻ لڳي. جيڪي ٻاهران سوداگر يا سياح ٺٽو گهمڻ ايندا هئا، تن جي پهريائين ڏاڍي خاطري ڪندو هو، پر پوءِ ڪين سير ڪرائڻ جي بهاني سان ٻيڙيءَ ۾ چاڙهي وچ درياءَ ۾


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ پاڳي پائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ٻوڙائي ماريندو هون.

## محمد باقيءَ جو موت

پوين ڏينهن ۾ ڏاڍا ظلم خونريزيءَ جهڙا ڪم ڪيائين، شهر جي ڪيترن بزرگن ۽ اميرن کي بيگناهه مارايائين. آخر 1584ع ۾ هڪ رات، هن خونيءَ پنهنجو پيٽ ترار سان ڦاڙي وڌو. مرڻ بعد به ڪيترا ٻي ڏوهي ماڻهو شڪ ۾ ماريا ويا، انهيءَ تي چوٽي آهي، ته ”محمد باقيءَ جيڏي ته ماڻهو ماريا، پر مئي به خونريزي نه ڇڏيائين.“

## (44) مرزا جاني بيگ جي آڪاٽي

هيءُ نٽي ۾ 1854ع ۾ پيءُ محمد باقيءَ جي موت بعد حاڪم ٿيو. هوڏانهن وري بکر ۾ سلطان محمود جي فوت ٿيڻ ڪري اڪبر بادشاهه جو نواب خان خانان حڪومت هلائڻ لڳو، جا ڳالهه مٿي ڏيکاري ويئي آهي. هنن ٻنهي جي وچ ۾ نااهه هليو آيو، آخر 1589ع ۾ جڏهن اڪبر شهنشاهه لاهور ۾ آيو، تڏهن خان خانان ڪيس وجي، جاني بيگ جي مغروريءَ ۽ ڪوئنس جون ڳالهيون ٻڌائي، اڪبر کي جاني بيگ تي ڪاوڙايو. جاني بيگ به اڪبر بادشاهه وٽ سلام تي نه ويو، جنهن ڪري اڪبر خان خانان کي ٺٽي تي ڪاهه ڪرڻ جو حڪم ڏنو. جڏهن خان خانان لڪيءَ جي ٽڪرن وٽ آيو، تڏهن اتي ملڪ جي بچاءُ جو ڪو به بندوبست نه ڏسي، خوش به ٿيو ۽ جانيءَ بيگ جي بيوقوفيءَ تي ڪلڻ به لڳو، چوڻ لڳو، ته ”جانيءَ بيگ ڪهڙو نه غافل ۽ بي سمجھ ٿو ڏسجي، جو هھڙيءَ خدائي پناهه ۽ لڪ تي به ملڪ جي بچاءَ جو ڪو بندوبست ڪو نه رکيو اٿس“.

## جاني بيگ ۽ خان خانان جون ويڙهيون

هنن ٻنهي جي وچ ۾ ٻه جنگيون لڳيون، هڪ سيوهڻ کان 6 ڪوهه پري درياءَ ۾ ٻيڙين تي ٿي، مگر ڪنهن به ڌر نه ڪٽيو، ٻي جنگ 1590ع ۾ انڙپور وٽ ٿي، جاني بيگ بهادريءَ سان وڙهيو، پر سوڀ خان خانان جي ٿي، جنهن ڪري ٺٽو به اڪبر کي مليو.

## جاني بيگ کي سچيءَ سنڌ جي نوابي ملڻ، جا پنهنجي پٽ کي ڏيڻ

مرزا جاني بيگ ٺٽي ۾ حڪومت تمام چڱيءَ طرح هلائي هئي ۽ ماڻهن کي سکيو ۽ سهنجو رکيو هئائين، انهن ڳالهين ۽ سندس بهادريءَ ۽ علميت جون ڳالهيون نواب خان خانان، اڪبر کي ٻڌايون، انهيءَ ڪري شهنشاهه اڪبر، جاني بيگ تي



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڏاڍوخوش ٿيو ۽ ڪيس سڄيءَ سنڌ تي پنهنجي پاران نواب مقرر ڪيائين: پر مرزا جاني بيگ دهليءَ ۾ رهيو ۽ پروانو پنهنجي پٽ مرزا غازي بيگ ڪي وٺائي ڏنائين. انهيءَ موجب دهليءَ جي مغل شهنشاهت پاران سنڌ جي صوبن تي مرزا غازي بيگ پهريون نواب ٿيو. اهڙيءَ طرح 1590ع کان وٺي سنڌ پيهر دهليءَ سان لڳي، هن دفعي سنڌ پڪيءَ طرح دهليءَ جي تابع ٿي جا تابعداري 150 سال هلي. مرزا جاني بيگ 1598ع ۾ دهليءَ ۾ رضا ڪئي، سندس لاش مڪليءَ جي ٽڪريءَ تي آڻي دفن ڪيو ويو.

## مشقي سوالات:

1. ترخان خاندان جي نسل بابت ڪهڙي خبر اٿو؟
2. ”ترخانن جي حڪومت بنا لڙائيءَ شروع ٿي“ سو ڪيئن؟
3. ترخانن گهراڻي مان ڪهڙا چڱا بادشاهه ٿيا انهن جو احوال ڏيو؟
4. ”مرزا محمد باقيءَ جئري ته ماڻهو مارايا، پر مئي به خونريزي نه ڇڏيائين.“ اهو ثابت ڪريو؟
5. انڙپور جي لڙائي، لڪيءَ جي لڪ، فرينچن جي قر ۽ ماهه بيگم جو احوال ڏيو؟
6. سنڌ، دهليءَ سان پڪيءَ طرح ڪڏهن لڳي ۽ ڪيئن؟

## دهليءَ جا نواب

دهليءَ جي مغل شهنشاهن پاران 41 نوابن سنڌ تي راڄ ڪيو، جن مان هيٺيان چڱيءَ طرح حڪومت ڪرڻ ڪري مشهور آهن:

1 – مرزا غازي بيگ 2 – مرزا عيسيٰ ٻيو 3 – حفظ الله خان 4 – محمد اعظم خان 5 – ميان نور محمد خان.

## (45) مرزا غازي بيگ جي آڪاڻي

مرزا غازي بيگ پهريون نواب هو. سندس صغيريءَ سبب ٻائي خان ۽ خسرو خان به امير سندس پاران راڄ ڪندا هئا. وڏي ٿيڻ بعد اڳيان عملدار ڪڍي نوان رکيائين، جنهن ڪري فساد ٿيا، پر هن سيني کي ماري مڃائي آرام سان راڄ ڪيو. ڪڇ ۾ چاچس مظفر بيگ ۽ نصرپور ۾ ٻچيلن ارغونن فساد ڪيا، انهن کي به جيستائين، بلوچن کان ڪڪرالو ورتائين. جهانگير اڪبر جي پٽ دهليءَ جي شهنشاهه جي حڪم سان قنڌار جو فساد بند ڪيائين، انهيءَ ڪري قنڌار جي نوابي به مليس، تنهنڪري ٺٽي ۾ خسري خان چرڪس کي ڇڏي، پاڻ قنڌار ويو، اتي ڪن خدمتگارن جي هٿان مارجي ويو. هيءُ بهادر، سخي پڙهيل راڳ ۽ شڪار جو


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

شؤقين هو.

**(46) مرزا عيسيٰ ٻئي جي آکاڻي**

مرزا عيسيٰ پنجون نواب هو. مرزا عيسيٰ ترخان جو ڏوهٽو هو. سندس قبر مڪليءَ جي ٽڪريءَ تي آهي، جنهن کي مرزا عيسيٰ جي رانڪ چون ٿا.

**(47) حفظ الله خان جي آکاڻي**

حفظ الله خان ٻاويهون صوبيدار هو. پٽس، شهنشاهه شاهه جهان وٽ دهليءَ ۾ وزير هو. هيءُ نواب تمام نيڪ نيت ۽ سخي هو. سندس ڏينهن ۾ شهنشاهه اورنگزيب جو پٽ شهزادو معزالدين سنڌ ۾ آيو. انهيءَ لاءِ ته سرائي دين محمد ڪلهوڙي کي، جنهن سنڌ ۾ ڏاڍو زور ورتو هو، قيد ڪري وٺي وڃي. هن نواب شهزادي جي لنگهڻ لاءِ درياءَ تي ٻيڙين جي پل ٺهرائي هئي، شهزادو سرائي دين محمد ڪلهوڙي کي قيد ڪري لاهور وٺي ويو، جتي سرائي مري ويو. نواب حفظ الله خان به سيوهڻ ۾ گرميءَ جي اثر ڪري مري ويو.

**(48) محمد اعظم خان جي آکاڻي**

هيءُ چوٽيهون نواب هو. سندس ڏينهن ۾ شاهه عنايت الله صوفي جهوڪ واري سان بلڙيءَ جي سيدن جي خصومت (عداوت) ٿي. جنهن سيدن جي دانهن ۽ محمد اعظم جي سروش تي، شهنشاهه فرخ سير جي حڪم سان، ميان نور محمد ڪلهوڙو لشڪر وٺي آيو ۽ اچي جهوڪ کي گهيرو ڪيائين، پر پڄي نه سگهيو، تنهنڪري ظاهري صلح ڪري، پوءِ دغا سان شاهه عنايت الله کي قتل ڪرائي ڇڏيائين.

**(49) سيف الله خان جي آکاڻي**

هيءُ ستٽيهون نواب هو، پاڻ سان ڪيترا عالم آندائين، هر ڪنهن جو سڏارو ڪيائين ۽ واپار کي به زور وٺايائين. شراب ۽ ٻين نشيدار شين جو ڪتب آڻڻ بند ڪرائي ڇڏيائين. هن کي سٺي ۾ سٺو نواب ڪري ڳڻيندا هئا. ڪيس رضا ڪرڻ بعد مڪليءَ جي ٽڪريءَ تي دفن ڪيائون.

**(50) ميان نور محمد ڪلهوڙي جي آکاڻي**

هي پويون يعنيٰ ايڪيتاليهون نواب هو. هيءُ پهريائين پنهنجي پيءُ ميان يار محمد خان جي جاءِ تي سوئي ۾ نواب ٿيو، پر پوءِ سنڌ ۾ موڪليو ويو. ڪيس نواب


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

خدا يار خان جو لقب مليو هو، سندس ڏينهن ۾ 1739ع ڌاري سنڌ دهليءَ کان ڇِڄي ايران جي تابع ٿي. (ان جو بيان پوءِ ايندو)

## (51) دهليءَ جي صوبن جون نشانيون

انهن نوابن جي وقت ۾ ٺٽي ۾ عاليشان عمارتون ٺهيون. جهڙوڪ خسري خان چرڪس (مرزا غازي بيگ جي پاران حڪومت هلائيندڙ) ٺٽي کي ڏاڍو سينگاريو، اٽڪل 400 مسجدون، کوهه، پليون ۽ مسافرخانا ٺهرايائين. شهنشاهه شاهه جهان ٺٽي ۾ تمام وڏي ۽ عمديءَ طرح مسجد ٺهرائي، جنهن ۾ ڪجهه وقت آرام ورتائين ۽ پوءِ قلندر لعل شهباز جو قبو ٺهرايائين. نقاشي ۽ ٻين هنرن جهڙوڪ لونگين، فراسن، کيسن، چادرن، اڳٺن وغيره جي چڱي ترقي ٿي. اڄ تائين ٺٽي ۾ انهن ڪمن جا ڪاريگر رهن ٿا.

**نوٽ:** دائود پوٽا قوم انهن صوبيدارن جي وقت ۾ نامور ٿي آهي تنهنڪري انهن جو احوال ٻئي هنڌ ڏجي ٿو.

### مشقي سوالات:

1. مغل شهنشاهه پاران گهڻا نواب آيا، منجهانئن مشهور نوابن جو احوال ڏيو؟
2. مرزا غازي بيگ قنڌار جو نواب ڇو مقرر ٿيو سندس موت جو احوال ٻڌايو؟
3. سنڌ ۾ نوابن جي وقت جون ڪهڙيون نشانيون آهن؟
4. هيٺين جو احوال ڏيو؟ مرزا عيسيٰ جي رانڪ – ٻيڙين جي پل – دين محمد ڪلهوڙو – شاهه عنايت الله صوفي ۽ سني ۾ سنو نواب؟

## (51) دائود پوٽا ۽ شڪارپور جو ٻجهڻ

دائود پوٽا اصل عباسي خاندان مان آهن سندن آکهه ۾ هڪ مشهور سردار دائود خان نالي ٿي گذريو آهي، انهيءَ جي نالي پنيان پاڻ کي دائود پوٽا چوايو اٿن. سندن وڏو امير احمد، محمد بن قاسم کان بہ اڳي مڪران رستي سنڌ ۾ آيو ۽ ڏاڍو زور ورتائين. هنن زور وٺي ننگر پارڪر تائين حڪم هلايو، پر پوءِ برهمڻ آباد جي راجا ڪين اتان پڇائي ڪڍيو، تنهنڪري درياءُ لنگهي سيوهڻ جي ويجهو اچي رهڻ لڳا.

مغل شهنشاهه جي وقت ۾ اڪبر شهنشاهه ڄام چيني دائود پوٽي کي جاگير ڏني ۽ وڏو عهدو عطا ڪيو. اورنگزيب وري بهاول خان دائود پوٽي کي لکيءَ ۽ خانپور جي وچ ۾ هڪ جاگير ڏئي، بکر جو نواب مقرر ڪيو. انهيءَ جاگير وٽ بهاول خان کان اڳ شير خان، مهرن جي قوم جي سردار سان دائود پوٽن جو تڪرار ٿيو، جنهن ۾ مهرن هارايو ۽ دائود پوٽن سندن شهر لکيءَ کي ڦري، گهڻو ڏن هٿ ڪيو ۽


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

سوپ جي يادگيريءَ لاءِ تڪرار وارن ٻيلن، جهنگن ۾ شڪار گاهن جو جهنگ ڪپارائي، شڪارپور نالي شهر ٻڌارايو. انهيءَ شهر تي اهو نالو انهيءَ هنڌ شڪار گاهن هئڻ ڪري رکيائون. بختاور خان، بکر جي نواب دائود پوٽن کي ملڪ مان تڙي ڪڍيو، تنهنڪري هو پڇي ملتان ويا، دهليءَ جي مغل شهنشاهه جي ڏاڍي خدمت ڪيائون، جنهن جي موڪل سان موٽي شڪارپور ۾ آيا ۽ اهڙو زور ورتائون، جو سنڌ جا نواب ڪين ڪجهه به چئي نه سگهندا هئا. آخر ميان نور محمد ڪلهوڙي ڪين اچڻ سان تڙي ڪڍيو.

سندن سردار بهاول خان هميشه لاءِ سنڌ کي ڇڏي ملتان طرف هليو ويو. اتي نئون شهر بهاول پور نالي ٻڌائي حڪومت ڪرڻ لڳو. اڄ سوڏو بهاولپور سندس پوين جي هٿ ۾ آهي. (جي انگريز سرڪار جي تابع آهن) اهو شهر مهرن، جاتوئس نالي بلوچي قوم کان کسيو هو.

**مشقي سوالات:**

1. دائود پوٽن جو اصل نسل ٻڌايو؟
2. دائود پوٽا سنڌ ۾ ڪڏهن آيا ۽ ڪهڙي رستي کان؟
3. دائود پوٽن ۽ مهرن جي ويڙهه جو احوال ڏيو؟
4. دائود پوٽا، سنڌ مان گهٽا دفعا تڙيا ۽ ڪهڙيءَ طرح وري سنڌ ۾ آيا؟
5. دائود پوٽن جي سنڌ ۾ ڪهڙي نشاني آهي؟
6. اڄ ڏينهن تائين دائود پوٽا ڪهڙي هنڌ حڪومت تا ڪن؟

## (52) ڪلهوڙن جي آکاڻي

ڪلهوڙا حضرت محمد جي چاچي، حضرت عباس جو اولاد آهن، ڪين عباسي به چئبو آهي. سندن وڏن مان ميان اوڍاٽو، ڪيچ مڪران ۾ هو، ان جي اولاد مان ڄام چيني نالي هڪ عباسي پنهنجي ڀائرن سان جهيڙو ڪري، لڏي ڪنيات ۾ آيو ۽ اتي شادي ڪري رهجي پيو. ڪلهوڙن جون پهريون چار پيڙهيون چانڊڪي پرڳڻي (لاڙڪاڻي جي پاسي) ۾ رهنديون هيون.

## (53) آدم شاهه ڪلهوڙي جي آکاڻي

پهرين مشهور آدمي ڄام چيني جي نائين پيڙهيءَ مان آدم شاهه نالي جوان 1589ع ڌاري لاڙڪاڻي جي پرسان اچي رهيو، جنهن کي نواب خان خانان چانڊين جي زمينداري ڏني. هيءُ اتي مريدي به ڪرڻ لڳو، جن کان ڪيتري زمين مليس ۽ سگهوئي ڏاڍو زور ورتائين. پوءِ ڪجهه وقت ملتان ۾ وڃي مريد ڪيائين ۽ اتي به زور


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

ورتائين، جنھنڪري ملتان جي حاڪم حسد وچان مارائي ڇڏيس، سندس لاش مريدن سکر ۾ هڪ ٽڪريءَ تي آڻي پوريو، جا ٽڪري اڄ تائين آدم شاھ جي ٽڪري سڏبي آهي.

## (54) ميان شاھ محمد جي آڪاٽي

آدم شاھ جي پوٽن مان ميان محمد الياس ۽ ميان شاھ محمد مشهور ٿيا. ميان شاھ محمد گھاڙواھ کٽايو ۽ سانگين ۽ ابڙن کان زمينون کسي، مائٽن کي ڏنيون، جنھنڪري تڪرار ٿيا ۽ بکر جي حاڪم لشڪر موڪلي ميان کي قيد ڪرائي مارائي ڇڏيو، سندس قبو گھاڙواھ جي ڪپ تي آهي، هيءُ مشهور پير ڇاتو وڃي ٿو.

## (55) ميان نصير محمد جي آڪاٽي

ميان نصير محمد (ميان شاھ محمد جي پٽ) جي مريدن پاڻ کي سرائي سڏايو، بکر جي حاڪم کيس قيد ڪري، اورنگزيب شهنشاھ ڏي دهليءَ ڏياري موڪليو، جتان جلدي ڀڄي آيو ۽ ڏاڍو زور ورتائين، چاندوڪي ۽ ساهتي پرڳڻا هٿ ڪيائين. وچ سنڌ ۾ لاڪاڻ، مورو ۽ ساهتيءَ جا پرڳڻا هٿ ڪيائين ۽ نوشهري جو شهر ٻڌايائين ۽ ڪاڇي ۾ ڳاڙهيءَ جو ڳوٺ ٻڌايائين. هي 36 سالن جي راڄ بعد مري ويو.

## (56) ميان دين محمد جي آڪاٽي

ميان نصير محمد کان پوءِ سندس وڏو پٽ ميان دين محمد گاديءَ تي ويٺو. هن جي مريدن شڪارپور جي پناڻن (پني قوم) ۽ پنهوارن، جن کي دهليءَ جي بادشاھ موڪليو هو، شڪست ڏئي ڀڄائي ڪڍيو. تنھنڪري اورنگزيب شهنشاھ مغلن جو وڏو لشڪر شهزادي معزالدين جي هٿ هيٺ موڪليو، جنھن سخت ويڙھ کان پوءِ ميان کي قيد ڪري ملتان ۾ آندو جتي هو مري ويو.

## (57) ميان يار محمد جي آڪاٽي

ميان دين محمد جي مرڻ بعد سندس ڀاءُ ميان يار محمد قلات مان بروهين جو لشڪر وٺي، پنهوارن سان وڙهي، شڪارپور ورتي ۽ پنهنجو شهر خدا آباد (دادوءَ جي پرسان) ٻڌايائين. انهيءَ تي شهزادو معزالدين بکر ۾ آيو، جتي ميان يار محمد وڃي سلام ڪيس، شهزادو مٿس خوش ٿيو ۽ کيس خدا يار خان جو لقب ڏئي 1701ع ۾ سوئيءَ جو حاڪم مقرر ڪيائينس ۽ هڪ جاگير بہ انعام طور ڏنائينس. 1711ع ميان يار محمد ساهتي (ڪنديارو)، چاندڪو (لاڙڪاڻو) ۽ سبي (سکر ۽ شڪارپور) پرڳڻا هٿ ڪيا. آخر ڊسمبر 1718ع ۾ خداآباد ۾ وفات ڪيائين، جتي کيس دفن ڪري،


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

مٿس قبو اڏايائون. اهو قبو ۽ ميان يار محمد جي جوڙايل مسجد ۽ خدا آباد جي قتل شهر جا ڊڙا خدا آباد اسٽيشن کان ڏسڻ ۾ اچن ٿا. پوءِ سندس پٽ ميان نور محمد ۽ ميان محمد خان قلات مان لڏي خدآباد ۾ اچي ويٺا.

## شجرو ڪلهوڙا خاندان

آدم شاهه – چام چيني جي نائين پيڙهي (مشهور پير)




**مشقي سوالات:**

1. ڪلهوڙن جو اصل نسل ٻڌايو؟
2. ڪلهوڙن مان ڪهڙا مشهور پير ٿي گذريا آهن؟
3. ميان نصير محمد ڪهڙا ڳوٺ ٻڌايا ۽ ڪهڙا پرڳڻا ورتا؟
4. ڪلهوڙن جي وڏن جون سنڌ ۾ ڪهڙيون نشانيون آهن؟
5. ڪلهوڙن سختيون پوڳي، بادشاهي ورتي سو ڪيئن؟
6. ”ڏکن پنيان سک، مون تان لڏا جيڏيون“ ۽ اهو بيت ثابت ڪريو؟

### (58) ميان نور محمد جي آڪاٽي

ميان نور محمد پيءُ جي وفات بعد 1719ع ۾ پيءُ واري خطاب خدايار خان جي ملڻ سان سوئي ۾ صوبيدار مقرر ٿيو. جتي مگسي، رند، لاشاري ۽ ٻڙدي فسادين کي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ماري مڃائي تابعدار ڪيائين. قلات جي حاڪم مير عبدالله ڪي بہ دهليءَ جي شهنشاهہ محمد شاهہ جي حڪم سان سامهون ٿيو ۽ ڪيس شڪست ڏئي، قلات هٿ ڪيائين، تنهنڪري شهنشاهہ ڪيس سنڌ جو صوبيدار ڪيو. سنڌ ۾ ميان اچڻ سان ڏنو، تہ دائود پوٽن رڻ ٻاري ڏنو آهي، جئين تہ وٽين تئين تا هلن ۽ سنڌ جي صوبيدار کي ليکين ئي نٿا، تنهنڪري شڪارپور ۽ بکر تي ڪاهي، کين ڀڄائي ڪڍيائين. هن ميان سنڌ جي گادي لاڙڪاڻو ڪئي ۽ پاڻ اتي رهڻ لڳو، وڏي پٽ محمد مراد ياب کي ٺٽي ۾ ويهاريائين، جنهن ڏاريجن جي راڄي ۽ ڪڪراري جي ڄام کي ماري مڃايو. انهي وقت ميان بہ خود مختيار ٿيڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو.

## سنڌ جو ايران جي تابع ٿيڻ

1739ع ۾ نادر شاهہ ايران جو بادشاهہ، دهليءَ جي مغل شهنشاهہ محمد شاهہ تي فتح پائي، ڪائونس سنڌ ۽ سنڌونديءَ جي اولهہ وارا پرڳڻا وٺي، ايران جي تابع ڪيائين. انهيءَ ڪري حڪم ڄمائڻ ڪاڻ سنڌ ۾ آيو، ميان، نادر شاهہ جي اچڻ جو ٻڌي، لاڙڪاڻي مان ڀڄي، عمر ڪوٽ ويو، جتي بہ نادرشاهہ وڃي پڪڙيس. (نادر شاهہ کي سندس پوڙهيءَ ماءُ جي خدمت ڪرڻ ڪري بادشاهي ملي هئي) ميان، نادر شاهہ کي ٻہ وقت هڪ ڪروڙ روپيہ ۽ ويهہ لک روپيہ ساليانو ڏئي، سندس تابعداري مڃي؛ جنهن ڪري شاهہ ڪيس شاهہ قلعي جو خطاب ڏئي، سنڌ جي صوبي تي قائم ڪيو. اهڙيءَ طرح سنڌ دهليءَ کان ٽٽي 1739ع ۾ ايران جي تابع ٿي. نادرشاهہ جا ٻہ پٽ محمد مراد ياب ۽ غلام شاهہ ضامن طرح پاڻ سان وٺي ويو ۽ شڪارپور، دائود پوٽن کي ۽ سوئي، افغانين کي ڏنائين.

## ميرن جو سنڌ ۾ اچڻ:

انهيءَ ساڳئي وقت بلوچستان مان ميرشهداد پنهنجي چاچي مير صوبدار خان سان ڪاوڙجي، سنڌ ۾ آيو ۽ ميان وٽ نوڪر بيٺو، جتي بهادريءَ ڪري ويو چڙهندو، نيٺ لشڪر جو مهندار ٿيو، هي ميان جو وڏو صلاح ڪار ۽ مددگار هو. ميان هن جي مدد سان 47 – 1746ع ۾ ڪڪرالي جي ڄام ۽ ڏاريجن جي راڄي کي ماري، ڏاڪڻي پاڳي ۾ حڪومت وڌائي، تنهنڪري ميان ڪيس سيوهڻ جي پرسان هڪ جاگير ڏني. سندس مرڻ بعد پٽس مير بهرام کي ميان سندس جاءِ تي مقرر ڪيو، جو پيءُ وانگر وفادار رهيو.

## سنڌ جو قنڌار جي تابع ٿيڻ:

1748ع ۾ نادر شاهہ جي موت بعد احمد شاهہ ابداليءَ قنڌار واري ايران جو ملڪ هٿ ڪيو، تڏهن هن ميان کي شاهنواز خان جو تازو خطاب ڏنو ۽ سندس پٽ بہ


www.sindhsalamat.com



Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

موٽائي موڪليائينس، پر 1754ع ۾ احمد شاهه قنڌار جو بادشاهه ڍل پوري وقت تي نه ملڻ سبب ميان تي ڪاهي آيو. ميان پنهنجي پاران ديوان گدومل کي وڪيل ڪري موڪليو، جنهن وڃي بادشاهه کي راضي ڪيو. انهيءَ وقت ميان جيسلمير جي طرف ويل هو جتي هو نيڪ دل ۽ خدا پرست آدمي جنوري 1755ع ۾ فوت ٿي ويو، سندس جاءِ تي ميان محمد مراداياب ويٺو.

## (59) محمد مراداياب جي آڪاٽي

ميان نور محمد جي مرڻ تي سندس دشمنن جي چورت سان بادشاهه احمد شاهه سنڌ جي لاءِ اسماعيل خان پني پٺاڻ کي نواب ڪري موڪليو، پر وري به ديوان گدومل وڃي بادشاهه کي خوش ڪيو، بادشاهه، عطر خان کي ضامن طور پاڻ وٽ رکي، محمد مراد ياب خان کي سر بلند خان جو خطاب ڏئي، سنڌ جو نواب مقرر ڪيو. ميان، نصرپور جي پرسان 1755ع ۾ ڏاڍي تجمل سان گاديءَ تي ويٺو ۽ نئون مراد آباد نالي شهر ٻڌايائين.

## ميان نور محمد جا پٽ

ميان نور محمد کي ٽي گهر هئا، پهريون گهر پنهنجن مان هوس، جنهن مان چار پٽ 1 – محمد مراداياب، 2 – عطر خان، 3 – خداداد خان، 4 – احمد يار خان هئس. ٻئي گهر ۾ گلان نالي ڪڃري هئس، جنهن مان غلام شاهه پٽ ڄايس، جو پوءِ سنڌ جو نامور حاڪم ٿيو. ميان کي ٽيون گهر جوٽيجن مان هو، جنهن مان به پٽ 1 – غلام نبي 2 – عبدالنبي ٿيس يعني ميان نور محمد کي ڪل ست پٽ هئا. پر وڏو پٽ ميان محمد مراداياب هوس، تنهن ڪري حقي وارث گاديءَ جو اهو هو. هو ۽ ميان نور محمد به انهيءَ کي ئي ولي عهد ڪيو هو. ميان محمد مراداياب 1755ع ۾ ڄام حجاجي، ڪڪرالي جي حاڪم تي فساد ڪرڻ ڪري، ڪاهي ويو ۽ کيس شڪست ڏئي قيد ڪيائين ۽ سندس ملڪ سنڌ سان لڳايائين. هن به ورهيه آرام سان حڪومت ڪئي، مگر حڪومت هلائڻ نه آيس، ماڻهن کان تنگ دليءَ سان پيسا وٺڻ لڳو ۽ بي قاعدي ڍلون ٻڌائين. پاڻ عيش عشرت ۽ راڳ ناچ کي لڳي ويو، تنهنڪري سڀ سردار ناراض ٿي، حمير ٻهرام جي مدد سان سندس رهڻ جي جاءِ کي وڪوڙي ويا ۽ کيس نوڪرن سميت قيد ڪري پاڻس ميان غلام شاهه کي تخت تي وهاريائون.

## (60) ميان نور محمد جي پٽن جي تڪرار جي آڪاٽي

غلام شاهه جي تخت تي ويهڻ ڪري، احمد يار خان، خدآباد ۾ فساد ڪيو ۽ عطر خان وري پنهنجي نالي بادشاهه احمد شاهه ڪان قنڌار مان پروانو لڪائي آيو:


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

تڏهن ميان غلام شاهه لاچار ٿي، پنهنجن ڪن سردارن ۽ راڄي ليڪي وزير سان گڏ ٿر ڏانهن نڪري ويو ۽ محمد مراد ياب قيد مان نڪتو.

## عطر خان جو بيان

عطر خان ماڻهن کي خوش رکي نه سگهيو ۽ خزانو به خالي ٿيڻ لڳو. قنڌار جي بادشاهه کي محصول پهچائڻ لاءِ ماڻهن کان سختيءَ سان اوڳڙ ڪيائين. پاڻ به سست هو انهيءَ ڪري ماڻهو ناراض هئس. ملڪ جو اهو حال ڏسي، ميان غلام شاهه، ٿر مان نڪري، بهاولپور مان لنگهي روهڙيءَ ۾ آيو. اتي سندس پائرس سنبري جنگ لاءِ آيا. ڏاڍي جنگ کان پوءِ عطر خان هارايو ۽ ميان غلام شاهه، سيوهڻ وٽي محمد آباد ۾ اچي رهيو. عطر خان ۽ احمد خان ٻئي قلات ڏي ڀڳا ۽ بادشاهه کان افغان جو لشڪر وٺي وري سنڌ وٺڻ لاءِ آيا. پر نيٺ نا اميد ٿي، ميان غلام شاهه سان صلح ڪيائون.

## ملڪ جي ورهاست

جنهن موجب ملڪ جا ٽي حصا ڪيا ويا: هڪ حصو شاهه ڳڙ کان وٺي نصر پور ۽ نئي تائين ميان غلام شاهه کي مليو. ٻئي ۽ باقي ٻيو ملڪ ٻه حصن ۾ ٻن پائرن کي مليو.

## پائرن جي ٻيهر چٽا ڀيٽي

سگهوئي انهن ٻن پائرن جي وچ ۾ اڻ بڻت ٿي: احمد يار خان، دهليءَ جي بادشاهه ڏي پنهنجي لاءِ پروانو لکائڻ لاءِ ويو. هتي ميان غلام شاهه وجهه ڏسي، عطر خان تي ڪاهه ڪئي، عطر خان ڊپ کان ملڪ ڇڏي ويو ۽ ماڻهو ميان غلام شاهه جي اچڻ ڪري ڏاڍو خوش ٿيا. ٻئي سال عطر خان مدد وٺي ٽيهر سنڌ وٺڻ لاءِ آيو. ميان غلام شاهه اباوڙي وٽ وڃي گڏيس. جنگ لڳي، جنهن ۾ عطر خان شڪست کاڌي ۽ ميان غلام شاهه فتح جي يادگيريءَ لاءِ اتي شاهپور نالي نئون شهر ٻڌايو. پوءِ ميان غلام شاهه بافرحت ٿي اڪيلي سر راڄ ڪرڻ لڳو.

## مشقي سولات:

1. ميان نور محمد کي سنڌ جي نوابي ڪيئن ملي؟
2. دائود پوٽن تي چو ڪاهيائين؟
3. سنڌ، ايران جي تابع ڪيئن ٿي ۽ وري قنڌار سان ڪيئن لڳي؟
4. مير، سنڌ ۾ چو آيا ۽ ڪيئن وڏي عهدي تي چڙهيا؟
5. ميان نور محمد جي مددگارن جو احوال ڏيو؟


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

6. ميان نور محمد کي ڪهڙا پٽ هئا ۽ اهي ڪهڙن گهرن مان هئس؟
7. هيٺين جو مختصر احوال ڏيو؟
محمد مراداياب، ڄام ڄجاجي، مير بهرام، راڄو ليکو، عطر خان ۽ احمد يار خان.
8. ڪڪرالو ڪيئن سنڌ سان لڳو؟
9. ملڪ جي ورهاست ڀائرن ڪيئن ڪئي؟ سا نقشي تي ڏيکاريو؟
10. ميان غلام شاهه ڪيئن ساريءَ سنڌ جو حاڪم بنيو؟

## (61) ميان غلام شاهه جي آڪاٽي

چون ٿا، تہ گلان ڪجري، شاهه عبداللطيف ڀٽائي صاحب وٽ هڪ دفعي راڳ اهڙو ڳايو، جو شاهه صاحب محو ٿي ويو: جنهنڪري گلان کي دعا ڪئي، تہ ”توهان کي هڪ گل پيدا ٿيندو، جو سڄيءَ سنڌ کي خوشبوءِ ڏيندو“ جلد ئي ميان نور محمد گلان سان شادي ڪئي، جنهن مان غلام شاهه پٽ ڄائس. هي نومبر 1757ع ۾ تخت تي ويٺو، انهيءَ وقت لاڙڪاڻي پاسي ڪوسن ۽ ڪڪرالي ۾ ڄام ڏهيسر فساد ڪيو. ميان ڀنهي ڌرين کي سيکت ڏني ۽ ڪڪرالو پنهنجي هٿ ڪيو. هن کي دهليءَ جي شهنشاهه وٽان شاهي سند ۽ پوشاڪ ملي ۽ پوءِ شاهه وردي خان جي لقب سان سنڌ جو حاڪم ٿيو.

هن ميان جا نندپڻ کان وٺي لڇڻ ۽ عادتون ماڻهن کي وڻنديون هيون. هو ننڍي وڏي سان رلي ملي هلندو هو ۽ سڀ ڪنهن کي مان ڏيندو هو، تنهنڪري رعيت سندس حڪومت ۾ خوش هئي. اهڙيءَ طرح شاهه صاحب جي دعا جي اثر هيٺ ميان غلام شاهه، ڪڇ جي راءِ تي ڪاهي سنڌڙي، بسنت ۽ لکپت جا بندر هٿ ڪيا، ويڙهه ۾ 6000 ڪڇي مري ويا. عطر خان ڀاءُ جو اهڙو زور ڏسي، اچي سندس پيش پيو ۽ ملڪ جي دعويٰ ڇڏي ڏنائين. اتر پاسي ديري غازي خان ۾ فساد ٿيڻ ڪري بادشاهه جي حڪم سان ميان اوڏانهن وڃي فساد بند ڪيو، انهيءَ ڪري بادشاهه کيس ديري اسماعيل خان ۽ ديري غازي خان انعام طور ڏنا ۽ صمصام الدولہ جو لقب پڻ ڏنائينس.

## انگريزن جو سنڌ ۾ اچڻ

سنڌ جو واپار بہ وڌيو، ڇاڪاڻ جو ميان يورپي قومن مان انگريزي ڪمپني ايسٽ انڊيا کي 1758ع ۾ ٺٽي ۽ شاهه بندر ۾ ڪوٺيون وجهڻ جي اجازت ڏني. ڪڇ جو راءِ ميان غلام شاهه سان ٺهي ويو، تنهن ڪري ڪڇ وارا هٿ ڪيل بندر کيس موٽائي ڏنائين. ميان ٻئي ديرا بہ بادشاهه احمد شاهه کي سوکڙيءَ طور موٽائي ڏنا.

## حيدرآباد جو بڻڻ

ميان پوءِ نيرن ڪوٽ ۾ وڃي بہ قلعا هڪ مضبوط قلعو ۽ ٻيو مٽيءَ جو قلعو شاهه مڪائيءَ واريءَ ٽڪريءَ تي ٺهرايا ۽ اتي گادي ڪئي. خدا آبادي عامل ۽ ٻيا


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ماڻهو لڏي اچي، اتي ويٺا، انهيءَ ڪري شهر وڌيو. ميان شهر تي پنهنجي مرشد حيدر شاهه جي نالي کي مان ڏيڻ لاءِ حيدرآباد نالو رکيو. 1772ع ۾ ميان غلام شاهه ۽ احمد شاهه ابدالي ٻنهي وفات ڪئي، جنهن ڪري ٻنهي تختن تي سندن ولي عهد (وڏا پٽ) ويٺا. ميان غلام شاهه جي قبر مٿان عمدو قبو ٺهيل آهي.

## (62) ميان سرفراز جي آڪاٽي

احمد شاهه ايرانيءَ جي جاءِ تي پٽس تيمور شاهه افغاني بادشاهه ٿيو ۽ سنڌ ۾ ميان غلام شاهه جو پٽ ميان محمد سرفراز خان حاڪم ٿيو. بادشاهه تيمور شاهه ميان محمد سرفراز خان کي خلعت موڪلي ۽ خدا يار خان جو خطاب ڏنئي، سنڌ جو حاڪم مقرر ڪيو ۽ ٻئي ديرا به سندس حوالي ڪيائين. 1774ع ۾ ڪڇ ۽ گجرات گهمڻ ويو، اتي جي راجائن گهڻو مان ڏنس. هن جي ڏينهن ۾ ٽالپرن ڏاڍو زور ورتو، ميربهرام کي ميان محمد سرفراز خان وڏو وزير ڪيو، مگر ٽالپرن سان ايڏيءَ مهرباني ٿيڻ ڪري، ٽالپرن جا دشمن ساڙ ڪائڻ لڳا. راڃو ليکو وزير، جو ذات جوٽيجو هو، سو ته بلوچن جو جاني دشمن هو، تنهن ميان کي چوري مير بهرام ۽ سندس پٽن جي برخلاف ڪيو، انهيءَ تي مير بهرام پنهنجن ٻن پٽن مير بجار ۽ مير صوبدار کي چيو، ته ”توهان هتان هليا وڃو، متان ميان اوهان کي به مارائي ڇڏي، مون کي مارايائين ته حرڪت ڪانهي، ڇو ته مان پير مڙد آهيان.“ تنهن تي مير بجر سنبري حج تي ويو، مگر مير صوبدار پيءُ سان گڏ رهجي پيو. نيٺ هڪ ڏينهن مير بهرام جيئن ميان جي سلام تي آيو، تيئن ميان ڪيس مارائي ڇڏيو، اگرچه ديوان گدومل ڪيس گهڻو جهليو. مير بهرام جي پٽ مير صوبدار پنهنجي پيءُ جي مارڻ جو شڪ وزير راڃي ليکي ۾ آڻي، سندس پٽ الهه بخش کي ماري وڌو، ته ان جي ماڻهن وري سندس خاتمو ڪيو. اهڙيءَ طرح ٽالپرن ۽ ڪلهوڙن جي اڻ بڻت شروع ٿي، جنهن جو ڪارڻ راڃو ليکو وزير هو.

ميان انگريزي واپارين کي به 1775ع ۾ نئي مان تڙي ڪڍيو، انهيءَ اجائي ڪؤنس ۽ بيگناهه خونن ڪري ملڪ ۾ فساد پيدا ٿيو. مير فتح خان، ٽالپرن ۽ ٻين ماڻهن سان گڏجي ميان تي خدآباد ۾ ڪاهيو، ميان اتان ڀڄي، حيدرآباد آيو، جتي مير اچي قيد ڪيس ۽ ڀاڻس محمود خان کي خدا آباد ۾ تخت تي وهاريائين. (جو مير خدا آباد ۾ رهندا هئا) ميان سرفراز شيعو هو، تنهن ڪري ٻين شيعن وانگر حضرت محمد ڪريم جي ٽن يارن حضرت ابوبڪر، حضرت عمر فاروق ۽ حضرت عثمان غنيءَ کي ڪين مڃندو هو، باقي چوٿين يار حضرت علي شاهه کي مڃندو هو، پر قيدخاني ۾ باقي ٽن يارن کي به مڃڻ لڳو ۽ سچيءَ دل سان بندگي ڪري، ڌڻيءَ جي درگاهه ۾ ٻاڏائي، ڪيلن گناهن جي توبهه ڪيائين. چون ٿا ته ”اتي اشارو ٿيس، ته تون



سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

مختيار آهين. وٺئي تہ دنيا جي بادشاهي قبول ڪر، وٺئي تہ آخرت جي ! هن آخرت قبول ڪئي.“ سگهوئي مسجد ۾ قرآن شريف پڙهندي، عبدالنبيءَ جي حڪم سان ڪن جوٽيجن جي هٿان شهيد ٿيو. هيءُ حيدرآباد ۾ وڏو پير ڪري ليکبو آهي.

**مشقي سوالات:**

1. ميان غلام شاهہ مان رعيت ڇو راضي هئي؟
2. ڪچ جي راءِ، انگريز واپارين، حيدرآباد جو بدجڻ انهن جو احوال ڏيو؟
3. ميرن ۽ ميان سرفراز خان جي ڦيٽاري جو سبب ۽ نتيجو ٻڌايو؟
4. ميان سرفراز خان جي قيد ٿيڻ ۽ شهيديءَ بابت احوال ڏيو؟

## (63) ميان محمد خان جي آکاٽي

ٿورو وقت راڄ ڪيائين، تہ راڄي ليکي ماٺهن کي بگاڙي، ميان غلام نبيءَ کي تخت تي وهاريو ۽ ڪيس نظربند رکيو، ڇو تہ راڄو ليکو پاڻ جوٽيجو ذات جو هو ۽ ميان غلام نبيءَ جي ناناڻن مان هو ۽ ميان محمد خان بلوچن جي مدد سان تخت تي ويٺو هو، جو بلوچن سان راڄي ليکي جو ٺاهہ ئي ڪو نہ هو.

## (64) ميان غلام نبيءَ جي آکاٽي

ميان غلام نبي چڱو مڙس، خدا ترس، ڏاهو، سخي ۽ سچار آدمي هو. راڄي ليکي جيتوٽيڪ تخت وٺي ڏنس، تہ بہ دغا بازين ڪري نہ وٽندو هوس ۽ بلوچ آدمي سچائيءَ ۽ بهادريءَ ڪري پسند هئس. مگر ڪيس مير بجر مان خوف هو، تہ متان پيءُ جي مرڻ جو عيوضو مون کان اچي وٺي، تنهن ڪري سندس پوري ڪرڻ لاءِ مسقط جي عربن سان لکپڙهہ ڪيائين. جن اها ڳالهہ قبول نہ ڪئي، پر مورڳو مير بجر کي خبردار ڪيائون، انهيءَ ڪري مير بجر موٽڻ سان ئي 4000 بلوچ گڏ ڪري عمر ڪوٽ جو قلعو وڃي والاريو. سندس اچڻ کان ٿورو اڳ سندس دشمن راڄو ليکو ڊپ وچان مري ويو ۽ ان جي جاءِ تي پٽس تاجو ليکو وزير ٿيو، جو ٺڳين ۽ دغابازين ۾ پيءُ کان بہ زياده وڌيڪ هو. تاجو لکيو ميان کي وٺي عمر ڪوٽ تي ڪاهي آيو ۽ مير بجر سان لانياري ڳوٺ وٽ ڇڪري ڪاڏائون، جنهن ۾ ڪلهوڙن هارايو، جنهنڪري ميان، قرآن شريف ميڙ ڪري مير بجر وٽ معافي وٺڻ لاءِ آيو، تاجي ليکي ڪيس معافي گهرڻ کان جهليو، پر ميان قبول نہ ڪيس، تنهنڪري تاجي ليکي ترار سان ماري وڌس. مير بجر ميان غلام نبيءَ جي ڀاءُ عبدالنبيءَ کي تخت تي وهاريو ۽ پاڻ حڪومت قبول نہ ڪئي.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

## (65) ميان عبدالنبيءَ جي آڪاٽي

هن پاڻ کي تخت تي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ لاءِ سرفراز خان، پٽس مير محمد خان، ڀاڻس محمود خان ۽ چاچس عطر خان کي مارائي ڇڏيو. باقي تاجي ليکي کي مير بجر جي چوڻ تي موت کان معافي ڏنائين. قنڌار جو تيمور شاهه بادشاهه ٽالپرن جو اهڙو زور ڀڃڻ لاءِ پنهنجي صوبيدار عزت يار خان قنڌاريءَ کي 30 هزار لشڪر سان چاڙهي موڪليو. ميان به مير بجر کي ساڻ ڪري لشڪر وٺي ڪيس شڪارپور ۾ اچي گڏيو. ڏاڍي جنگ لڳي، جنهن ۾ عزت يار خان جي هار ٿي، تنهنڪري تيمور شاهه ڪاوڙجي وڏو لشڪر وٺي پاڻ ڪاهي آيو. سڀ بلوچ ڏڄي ويا پر مير بجر گهٽي ادب ۽ نياز سان اچي گڏيس، تنهنڪري ۽ ساليانو ڍل ملڻ تي خوش ٿي ميان کي پڪو صوبيدار مقرر ڪري بادشاهه تيمور شاهه موٽي ويو.

## مير بجر جو موت

مير بجر کي زور وارو ڏسي، ميان عبدالنبيءَ کي خوف ورتو، ته متان مير بجر مون کي به برطرف ڪري، تنهنڪري ميان 1781ع ۾ به راجپوت جوڌپور مان آڻايا، جي مير بجر وٽ به اچڻ وڃڻ لڳا. هڪ ڏينهن انهن مير وٽ اچي، ڪيس ميان جي دغابازيءَ جا ڪي جڙتو خط (جوڌپور جي راجا ڏي هنديءَ ۾ لکيل) پڙهي ٻڌائڻ لاءِ، سندس پرسان ٿي ويٺا ۽ ساڻس ڪن ۾ سس ڦس ڪندي، خنجر ڪڍي هيائونس. مير بجر ٽپ ڏيئي اٿيو ۽ ترار سان ٻنهي کي ماري وڌائين پر پوءِ پاڻ به خنجرن جي سخت گهاون سبب مري ويو. چوٽي آهي ته "ڪن جي ڳالهين، مير بجر ماريو." سو اجهو ائين ! مير بجر جو پٽ مير عبد الله پيءُ جي مرڻ تي بلوچن جو سردار ٿيو، انهيءَ ميان صادق قلعي، عبدالنبيءَ جي عزيز کي، جو هڪ فقير ۽ چڱو ماڻهو هو، تنهن کي تخت تي وهاريو. ميان عبد النبي به قلات ۽ جوڌپور مان لشڪرن جي مدد وٺي مير عبد الله تي ڪاهيو مگر مير ٻنهي لشڪرن کي شڪست ڏيئي ڀڄائي ڪڍيو.

## عبد النبيءَ جو ٻيهر تخت تي وهڻ

مدد خان پٺاڻ جي ڦر: ميان عبد النبي، تيمور شاهه بادشاهه وٽ دانهين ويو ۽ سردار مدد خان کي پئسن ڏيڻ جي انجام تي لشڪر سميت سنڌ ۾ وٺي آيو؛ پر جڏهن اهو به بلوچن سان پڄي نه سگهيو، تڏهن وچ سنڌ ۾ ڦر ڪري موٽي هليو ويو. اها مدد خان جي ڦر ايتري قدر ته مشهور آهي، جو اڄ به ڪير ڪنهن سان ظلم ۽ ڏاڍ ڪري پئسا ڦري وٺندو آهي، ته ان کي ماڻهو چوندا آهن، ته "مدد ته ڪين چڙهيو آهين !" تڏهن ميان عبد النبي لاچار ٿي ٻيڻي مير فتح خان ۽ بهاول خان دائود پوٽي کي منٿ ڪري مير عبدالله کي پرچايو ۽ ڪيس قرآن شريف تي آئينده جي وفاداريءَ جو قسم


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڳي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

لکي ڏنائين، تڏهن مير وري ڪيس گاديءَ تي وهاريو.

### ميان عبد النبيءَ جون دغابازيون ۽ ڪلهوڙن جو خاتمو

مير عبدالله کي جيتوڻيڪ ميان قرآن شريف تي قسم سان وفاداريءَ جو انجام لکي ڏنو، تہ بہ مير هميشہ گهڻن ماڻهن سان وٽس ويندو هو. ميان تڏهن هڪ رات وٽس اڪيلو وڃي، ڪيس چيو، تہ ”توکي شايد اجان مون ۾ شڪ آهي: جو مون وٽ هميشہ گهڻن ماڻهن سان ۽ هٿيارن سان ايندو آهين توکي شايد قرآن شريف جي قسم تي ويساهہ ڪونهي جيڪڏهن ائين آهي، تہ مان هينئر تو وٽ اڪيلو آيو آهيان، تون مون کي ماري ڇڏ.“ هي ٻڌي مير ڏاڍو شرمندو ٿيو ۽ عذر آڻڻ لڳو. پوءِ سيني عزيزن ۽ سنگتين کي اماڻي ڇڏيائين باقي مير فتح خان ۽ مير صوبدار خان کي پاڻ وٽ رهايائين ۽ پوءِ بنا ڊپ جي اڪيلو يا هڪ ٻن ماڻهن سان ميان وٽ ايندو ويندو هو. هڪ ڏينهن هميشہ وانگر مير عبدالله ۽ مير فتح خان، ميان وٽ سلام تي آيا، تہ ميان جي ماڻهن کين ماري ڇڏيو ۽ ڪن ڊوڙي وڃي ميرن جي تنبن تي سندس ٻين ماڻهن کي بہ ماريو. بلوچن کي هاڻي پڪ ٿي، تہ ميان اسان جو جاني دشمن آهي: تنهنڪري سڀ بلوچ اچي ڇڙيا، سندن اڳواڻ مير فتح علي خان ٿيو. سنہ 1782ع ۾ هلاڻي وٽ ڪلهوڙن ۽ ميرن جي وڏي جنگ لڳي، جنهن ۾ عبدالنبي شڪست کائي قلات ڏي ڀڳو ۽ مير فتح علي خان نوشهري آيو، جتي سيني قومن جا سردار اچي سلامي ٿيس.

### عبدالنبيءَ جو ٻيهر تخت وٺڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ:

تنهنڪري ميان عبدالنبي بادشاهہ تيمور شاهہ وٽ فريادي ويو. هيڏانهن وري مير فتح علي خان بادشاهہ ڏي سيد آغا ابراهيم شاهہ ۽ قيصر نظاماڻيءَ کي وڪيل ڪري موڪليو: پر بادشاهہ فيصلو ڪيو تہ اڌ ملڪ جو ميرن کي ۽ باقي اڌ ميان کي ڏجي. ان حڪم جي تعميل لاءِ بادشاهہ بوستان خان ۽ اخلاق خان کي ٿوري لشڪر سان موڪليو: پر مير جا وڪيل بادشاهہ تي چڱو اثر وهاري، مير جي نالي سند لکائي آيا. لشڪر موٽي ويو ۽ مير فتح علي خان سند وٺي، پوشاڪ (خلعت) ڍڪي حيدرآباد ۾ سنڌ جي گاديءَ تي ويٺو.

### عبدالنبيءَ جو ٽيهر ملڪ وٺڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ

هن ٽيهر سنڌ وٺڻ لاءِ ڪوشش ڪئي جو تيمور شاهہ بادشاهہ کي ڏاڍيون آزيون نيزاريون ڪري لشڪر سوڌو وٺي آيو، پر جڏهن ميرن جي بهادريءَ ۽ چڱ مڙسيءَ جي ڳالهہ سندس سردارن ڪيس، تڏهن بادشاهہ، پابند خان کي ميرن ڏي موڪلي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

هيٺين شرطن تي ساڻن صلح ڪيو:

**شرط**

1. ملڪ سارو ميرن کي ملندو.
2. مير ڪلهوڙن وانگر قنڌار جي بادشاهه کي ساليانو ڍل ڏيندا رهندا.
3. ڪراچيءَ جو پرڳڻو، جيڪو ميان عبد النبيءَ قلات جي خان کي ڏنو هو، سو ميرن کي وري موٽي ملندو.

اهڙيءَ طرح جنوري 1783ع ۾ ٽالپرن جو راڄ شروع ٿيو. ساڳئي سال ۾ بادشاهه تيمور شاهه به 11 سالن جي راڄ بعد رضا ڪئي ۽ پٽس زمان شاهه ڪابل جو بادشاهه ٿيو. ميان عبدالنبيءَ جوڌپور ۾ وڃي پناهه ورتي، جتي رضا ڪيائين.

## (66) ڪلهوڙن جي وقت ۾ ملڪ جي حال جي آکاڻي

1. اٽڪل منيءَ صديءَ کان ٿورو وڌيڪ وقت، جيڪا ڪلهوڙن جي حڪومت هلي، تنهن وقت ۾ سنڌ ۾ گهٽي ڦير ڦار ٿي. ننڍو ۽ بکر، جتي اڳيان مسلمان حاڪم رهندا هئا، سي ان وقت ۾ گهٽجڻ لڳا ۽ گادين جا هنڌ ڪڏهن خدآباد، ڪڏهن لاڙڪاڻو، ڪڏهن حيدرآباد ته ڪڏهن مرادآباد ٿيا. اڳي عمر ڪوٽ ۽ ڪڪرالي ۽ ڪن ٻين هنڌن ۾ هندو راڄ ڪندا هئا، جي ڪڏهن ڪڏهن سنڌ جي حاڪمن کان خود مختيار رهندا هئا، مگر ڪلهوڙن جي هٿ ۾ سڄي سنڌ هئي.
2. جڏهن سکر ۽ شڪارپور افغانن جي دخل ڪري ڪلهوڙن جي هٿان نڪري ويا، تڏهن ڪلهوڙا حاڪم ڏکڻ اوير ڏي حڪومت وڌائڻ لڳا ۽ انهيءَ پاسي جي هندو حاڪمن کي ماري ميجائي پنهنجي هٿ ڪيائون.
3. ميان نور محمد جي وقت ۾ سکر ۽ شڪارپور جي حد تي لاڙڪاڻي البت زور ورتو، ايتري قدر جو هيءُ پهاڪو انهيءَ لاءِ پڌرو ٿيو، ته ”هجئي ناٿو، ته گهم لاڙڪاڻو، نه ته وت ويڳاڻو.“ تن ڏينهن ۾ اتي جي واپار ۽ هنر جو ڏاڍو زور هو. پر تڏهن به ماڻهو منجهس گهٽ هئا ۽ فقط 20000 ماڻهو منجهس رهندا هئا.
4. سڄيءَ سنڌ ۾ ڪل 40000 ڪوري لونگيون، سوسيون ۽ ٻيو ڪپڙو اڻندا هئا ۽ 20000 ماڻهو ٻين ڪرتين وارا هئا. تنهن کان سواءِ 10000 ماڻهو واپار تي قوت گذران ڪندا هئا.
5. لشڪر ۽ حڪومت جي لاءِ وري بلوچ ماڻهو زور وٺڻ لڳا. هندو فقط واپار ۽ سرڪاري لکپڙهه (منشگيري) جو ڪم ڪندا هئا.
6. حڪومت جو بندوبست به پورو نه هو. ڇو ته حاڪم فقط جنگين ۽ گهرو جهيڙن ۾ رڌل هئا. ڪن خاص چڱن حاڪمن ميان نور محمد ۽ ميان غلام شاهه


www.sindhsalamat.com
سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڪان سواءِ ٻين ڪي ملڪ جي سڌاري جو خيال بہ ڪو نہ هو، مطلب تہ ملڪ جي عام حالت اڳي ڪان خراب هئي. ڪلهوڙن جو مذهب شيعو هو.

## ڪلهوڙن جي وقت جون نشانيون

آدم شاھ جي ٽڪري، ميان آدم شاھ جي نشاني آهي. گھاڙ واھ ۽ شاھ محمد جو ڳوٺ ۽ قبو، ميان شاھ محمد جو نشانيون آهن. لاڪاڻ، مورو، نوشهرو ۽ نصيرآباد، ميان نصير محمد جو نشانيون آهن. خدا آباد جو قٽل شهر، مسجد ۽ قبو، ميان يار محمد جون نشانيون آهن. حيدرآباد جو شهر، قلعو ۽ اپاوڙي جي پرسان شاهپور جو شهر، ميان غلام شاھ جون نشانيون آهن. حيدرآباد ۾ ميان سرفراز جو مقبرو، ميان سرفراز جي نشاني آهي.

## مشقي سوالات:

1. راڇي ليکي ۽ ميان سرفراز خان جي موت جو احوال ڏيو؟
2. ”ڪن جي ڳالهين مير بجر ماريو“ سو ڪيئن؟
3. ميان غلام نبي، ميان صادق علي ۽ ميان عبدالنبيءَ جو چال چلت جو احوال ڏيو؟
4. ميان عبدالنبيءَ پيهر گاديءَ تي ڪيئن ويٺو؟
5. ”مدد تہ ڪين چڙهيو آهين“ سو ثابت ڪريو؟
6. مير عبدالله ڪي ڪهڙيءَ طرح ميان عبدالنبيءَ ماريو؟
7. روهڙيءَ جي ويڙھ ۽ پابنده خان جو احوال ڏيو؟
8. ميرن، آخر ڪهڙيءَ طرح ساڙ ڪائي ڪائي، پنهنجن مرشدن ڪان حڪومت ورتي؟
9. ڪلهوڙا، اگرچہ ميرن جا مرشد هئا، تہ بہ سندن قيتاڙي جو ڪارڻ ڪير هئا؟
10. تيمور شاھ ڪهڙن شرطن سان ميرن ڪي سنڌ جي حڪومت ڏني؟
11. ڪلهوڙن جي وقت ۾ ڪهڙن شهرن زور ورتو ۽ ڪهڙن جو ناموس گھٽيو، سو سبب سان بيان ڪريو؟
12. ڪلهوڙن بادشاهن مان ڪهڙا چڱا حاڪم ٿيا؟
13. ڪلهوڙا ملڪ جو پورو بندوبست نہ رکي سگھيا سو ڇو؟

## (67) ميرن جي آڪاٽي

### مير اصل ڪير هئا

ٽالپر، بلوچستان ۾ رهندڙ بلوچ هئا. هتي سنڌ ۾ نادر شاھ جي ڪاھ وقت آيا. پهريائين شهداد خان (هوتڪ خان جو پٽ) پنهنجي چاچي صوبدار خان سان ڪاوڙجي،



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ميان نور محمد ڪلهوڙي وٽ اچي نوڪريءَ ۾ بيٺو. ڪين ٽالپر نالو مير شهداد خان جي ڏاڏي ڪڪي خان جي پاءُ ٽالي خان جي نالي پنيان مليو. مگر بادشاهيءَ وقت، ڪين مير سڏيائون. جلد ئي شهداد خان جو پاءُ مير ماڻڪ خان به آيو. ماڻڪ خان جي اولاد کي ماڻڪاڻي مير، شهداد خان جي اولاد کي شهداداڻي مير ۽ مير شهداد خان جي پوٽي مير سهراب خان جي اولاد کي سهراباڻي مير ڪري چون ٿا.

## ميرن جي مذهب ۽ ٻولي

بلوچ اصل بلوچي زبان ڳالهائيندا هئا، مگر سنڌ ۾ پنهنجن مرشدن ۽ ڏٽين، ڪلهوڙن جي زبان سرائڪي ڳالهائڻ لڳا. پاڻ اصل سني مسلمان هئا مگر سنڌ ۾ پوين ڪلهوڙن حاڪمن جو طريقو اهل شيعت جو اختيار ڪيائون. ڪين لاڙ جا ماڻهو سرائي چوڻ لڳا چو ته اهي سري واريءَ سنڌ ڪان آيا هئا. اهڙيءَ طرح بلوچن تي مير ۽ ٽالپر نالن ڪان سواءِ چوٽون نالو سرائي به پيو.

جڏهن پوين ڪلهوڙن حاڪمن، ميرن جا مشهور سردار هڪ ٻئي پنيان مارايا، تڏهن بلوچ اچي چڙيا ۽ هالاڻيءَ جي جنگ ڪري حڪومت پنهنجي هٿ ڪيائون. بلوچن مير صوبدار خان جي وڏي پٽ مير فتح علي خان کي پڳ ٻڌائي، جنهن پنهنجي خاندان ۾ تڪرار بند ڪرڻ لاءِ حڪومت جا پنج پاڱا ڪري، ٻه پاڱا پنهنجي لاءِ هڪ ورهاڱي موجب ۽ ٻيو پڳ جي عيوض رکيا. باقي ٽن حصن مان هڪ حصو خيرپور وارو مير سهراب خان کي ڏنائين، جو اتر سنڌ ڪان وٺي سکر ۽ نوشهري تائين هو، اها حڪومت سهراباڻي خاندان جي سڏي وئي. ٻيو حصو مير ٺاري خان ماڻڪاڻيءَ کي ڏنائين، جنهن ۾ مير پور خاص وارو ملڪ اچي ٿي ويو. ٽيون حصو بدين وارو، مير الهيار جي پڙپوٽي مير باڱي خان کي ڏنائين، باڱي جو ٽنڊو ان جي نالي پنيان آهي. مير باڱي خان حڪومت هلائڻ ڪان ڪڪ ٿي، پنهنجو حصو مير فتح علي خان کي ڏنو، تنهنڪري ميرن جي ٽياڪڙ حڪومت هلي. سيني ميرن، مير فتح علي خان کي رئس ڪري مڃيو، جنهن پنهنجن ٽن ڀائرن کي به حڪومت ۾ شامل ڪيو انهيءَ کي ميرن جي پهرين چوياري چون ٿا.

## (68) ميرن جي پهرين چوياري مير فتح علي خان جي آڪاڻي

مير فتح علي خان پاڻ سان ٽي ڀائر غلام علي خان، ڪرم علي خان ۽ مراد علي خان حڪومت ۾ شامل ڪيا. هنن چئني ڀائرن کي رعيت چار يار ۽ سنڌن حڪومت کي چوياري ڪري سڏيندي هئي، چو ته جڏهن ڪا جنگ ٿيندي هئي، تڏهن سيئي گڏجي جنگ تي ٿي ويا. مطلب ته هڪ ٻئي ڪان جدا نه ٿيندا هئا، انهيءَ ڪري سندن دشمن ڊپ ڪان ڊبيا پيا هئا.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

1792ع ۾ قلات جي خان نصير محمد کان ڪراچي بہ ورتائون. بادشاهہ زمان شاهہ جي 13 لکن روپيہ ساليانی ڍل جي حساب سا ڪن سالن جي ڍل رهيل هئي، سا مير فتح علي خان پڇاڙيءَ وارن ڏينهن ۾ ادا ڪئي. هن پيائرن جي مدد سان تمام چڱي حڪومت هلائي، ملڪ جو انتظام بہ پورو رکيائين. سندس وقت ۾ انگريز سرڪار جو ايجنٽ، واپار لاءِ سنڌ ۾ آيو. مير صاحب ڪيس واپار ڪرڻ جي موڪل ڏني مگر، پوءِ قنڌار جي حاڪم زمان شاهہ جي چوڻ تي اها موڪل رد ڪيائين، ڇا ڪاڻ تہ زمان شاهہ انگريزن جو دشمن هو، انهيءَ ڪري انگريزي ڪمپنيءَ کي ڏاڍو نقصان پهتو. مير فتح علي خان 1802ع ۾ مري ويو. ڪيس مير صوبدار نالي هڪ ڏينهن جو ڇاول پٽ بہ هو، پر ان کي ملڪ جو ڪو حصو ڪو نہ ڏنائين، تنهنڪري باقي ٽن پيائرن گڏجي راڄ ڪيو.

### (69) مير غلام عليءَ جي آڪاٽي

ٽن پيائرن جي حڪومت: مير غلام علي خان رئيس ٿيو. باقي بہ پيائر مير ڪرم علي خان ۽ مير مراد علي خان سندس صلاح ڪار ۽ مدد گار ٿيا. هن رئيس سان مير ٿاري خان، مير پور خاص واري جو سال اندر تڪرار تي پيو، جنگ لڳي مير ٿارو خان قتجي قيد ٿيو، مگر ٿورن ڏينهن بعد مير ڪيس معافي ڏئي، عزت آبروءَ سان ميرپور خاص روانو ڪيو.

ٻئي سال زمان شاهہ تي، شاهہ شجاع غالب پئي ڪابل ورتو ۽ وڏي لشڪر سان سنڌ تي چڙهائي ڪري آيو. مير بہ لشڪر وٺي شڪارپور ويا. نيٺ صلح ٿيو. ميرن ڏهہ لک روپيہ شاهہ شجاع کي ان وقت ڏنا ۽ پنج لک روپيا ساليانو ڏيڻ جو انجام ڪيائون.

قلات جو خان، نصير محمد مري ويو، ان جي جاءِ تي سندس پاٽيجو محمود خان حاڪم ٿيو. تنهن سان مير صلح ڪري ڪانئس سگ وٺي ساٽس مائٽي ڳنڍي. ان وقت اڇ جا سيد، بهاولپور جي خان، محمد صادق جي ظلم کا پڇي، مير وٽ آيا. خان، مير جي لکڻ تي بہ نہ مڃيو، تنهن ڪري سنڌ جو لشڪر طاهر خان جي هٿ هيٺ مٿس ڪاهي ويو. خان لاچار تي صلح ڪيو. سندس پٽ بهاول خان ضامن طور حيدرآباد آندو ويو، جو 12 مهينن بعد موٽائي موڪليو ويو.

### صلح جا شرط

1. سبزل ڪوٽ، ميرن کي مليو.
2. سيدن کي بہ پنهنجو حق مليو.

ساڳئي سال ۾ ڪڇ ۾ ڏڪار پوڻ ڪري، ڪڇي ماڻهو، سنڌ ۾ اچي پار پچا


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

وڪٽي ان وٽڻ لڳا. مگر مير غلام عليءَ ڪين، ڪچ راءِ ۽ انگريز سرڪار جي لکڻ تي سرڪاري ان خيرات ۾ وراهي ڏنو ۽ وڪاٽل پار به هٿ ڪري راءِ ڪي موٽائي موڪليا.

## پهريون عهدنامون 1809ع ۾

1809 ۾ انگريزن، ميرن سان دوستيءَ رکڻ لاءِ ساٽن هيٺين شرطن سان عهدنامون ڪيو: ڇو ته ان وقت ۾ انگريزن ڪي ڊپ هو، ته متان فرينچ شهنشاهه نيپولين، ايران مان سنڌ ۾ اچي ۽ ميرن سان دوستي رکي، انگريز سرڪار جي ملڪ تي ڪاهي، جو نيپولين بونا پارٽ ان وقت ايران تائين آيو هو.

## پهرين عهدنامي جا شرط

1. انگريز ۽ مير پاڻ ۾ دوست ٿي رهندا.
2. انگريز ايلچي، سنڌ ۾ رهي.
3. ميرن انجام ڪيو، ته انگريزن کان سواءِ ٻئي ڪنهن به يورپي قوم کي سنڌ ۾ اچڻ نه ڏنو ويندو.
4. انگريزن کي واپار ڪرڻ جي اجازت ملي.

1811ع ۾ مير غلام علي شڪار ڪندي مري ويو. ڪيس مير محمد نالي پٽ به هو، پر حڪومت باقي ٻن ڀائرن هلائي.

## (70) مير ڪرم عليءَ جي آڪاٽي

مير ڪرم علي خان رئس ٿيو. هيءُ سخي، ڏاهو، انصاف پسند ۽ علم دوست هو. علم جو ايترو ته قدر دان هو، جو ايران ۽ خراسان جا ماڻهو وٽس اچي، هنر ۽ علم جا فن ڏيکاري انعام وٺي ويندا هئا. هن مير صاحب ايران جي بادشاهه ۽ خراسان جي بادشاهه سان دوستي رکي. سندس وقت حيدرآباد جي مرزائن جو وڏو ڳڙهه هئو، مرزا خسرو بيگ مير صاحب جي ڪچهريءَ واسطي آيو. ثابت علي شاهه شاعر ۽ پير محمد ارشاد شاهه، ڪنگريءَ وارو به سندس وقت جا شاعر هئا. ڪچ سان تڪرار هئڻ ڪري ميرن، ڪچ تي ڪاهيو، پر انگريز سرڪار صلح ڪرائي ڇڏيو. انهيءَ وقت پنجاب جي راجا رنجيت سنگهه به ملتان وٺي، سنڌ تي ڪاهڻ جو ارادو ڪيو، اتي به انگريز سرڪار صلح ڪرائي ڇڏيو. مير ڪرم عليءَ جوڌپور جي راجا کان عمر ڪوٽ هٿ ڪري سنڌ سان لڳائي ڇڏيو هيستائين اهو ٿر وارو پاڱو سنڌ کان جدا هو: جنهن ڪري ٿر ۾ هن ملڪ جي ماڻهن جي ريتن، رسمن، پوشاڪ، ٻوليءَ وغيره ۾ اڄ تائين ڦير پيو ڏسجي.

1824ع ۾ مير مراد علي خان جي سخت بيمار ٿيڻ ڪري بمبئي جي گورنر


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

ڊاڪٽر برنس کي موڪليو، جنهن اچي ڪيس ڇٽايو؛ انهي ڪري ميرن ۽ انگريزن جي دوستي وڌي. 1828ع ۾ مير ڪرم علي خان بنا اولاد مري ويو. سندس قبي تي 13000 روپيہ خرچ آيو جو مقبرو حيدرآباد ۾ ٻين سيني قبن کان وڏيڪ سهڻو آهي.

## (71) مير مراد علي خان جي آڪاٽي

سياڻو ۽ اعليٰ دماغ وارو ٽالپر هو. مرضي هئس تہ ڌارين ملڪن سان لاڳاپو رکان، تنهنڪري پنجاب، ايران، ڪڇ، بلوچستان ۽ عربستان جي حاڪمن سان دوستي ڳنڍيائين.

ٻيو عهدنامو 1832ع ۾

انگريزن ۽ ميرن جي وچ ۾ 1832ع ۾ ٻيو عهدنامون ٿيو.

**شرط**

1. انگريز لوڪ رڳو سنڌو درياءَ تي واپار ڪن.
2. ڪو بہ انگريز بنا پاس جي سنڌ ۾ نہ اچي.
3. نڪي بينڪ ڪري ويهي نڪي جنگي جهاز، لشڪر ۽ لشڪري سامان سنڌ ۾ آڻي.

هن حيدرآباد ۾ پنهنجو ضربخانو جاري ڪيو؛ جنهن ۾ سونيون مهرون ٺهڻ لڳيون. نيٺ 1833ع ۾ هيءُ سياڻو ۽ فهميدو مير صاحب نور محمد، نصير محمد، مير محمد، يار محمد نالي چار پٽ ڇڏي مري ويو. پهرين چوٺياري پوري ٿي.

## (72) ميرن جي ٻي چوٺياري
## مير نور محمد جي آڪاٽي

هن چوٺياري ۾ مير مراد علي خان جا بہ پٽ مير نور محمد خان، مير نصير خان، ۽ مير غلام عليءَ جو پٽ مير محمد خان ۽ مير فتح علي خان جو پٽ مير صوبدار خان هئا. مير نور محمد خان سندن رئس ٿيو. رعيت هنن جي حڪومت کي پوئين يا ننڍي چوٺياري ڪري چوڻ لڳي. خيرپور جي مير سهراب خان ۽ ميرپور جي مير ٺاري خان وفات ڪئي، تنهنڪري ميرپور وارو ڀاڳو مير ٺاري خان جي ٽن پٽن مير شير محمد خان حصا ڪري ڪنيو ۽ خيرپور وارو ملڪ، مير سهراب خان جي ٻن پٽن مير رستم خان ۽ مير علي مراد خان وراهي ڪنيو؛ پر انهن ٻنهي ڀائرن جي ناسازي هلندي آئي. اهڙيءَ طرح سڄي سنڌ ٽڪر ٽڪر ڪري ننڍن ميرن وراهي ڪنئي.

1832ع ۾ افغانستان ۾ گهرو تڪرار ٿيو، دوست محمد، شاهہ شجاع کي تڙي ڪڍيو، شاهہ شجاع انگريزن کان مدد گهري، انگريزن، سرجان ڪين کي لشڪر سميت سنڌو درياءَ مان لنگهائي ڪابل ڏي موڪلڻو ڪيو، تنهنڪري بمبئي سرڪار،


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڪرنل پاٽنجر ڪي، ميرن ڪان اجازت وٺڻ لاءِ موڪليو. پر جڏهن لشڪر ڪراچيءَ وٽ آيو، تڏهن ميرن ٻئي عهدنامي موجب روڪ ڪئي ۽ بلوچن ڪيس گهٽي تڪليف ڏني، ڪيترن بلوچن ته سندس قرلت به ڪئي. انهيءَ ڪري سرجان ڪين، ڪاوڙجي منهوڙي جو ڪوٽ پيجي ڪراچيءَ مان لنگهي اڳتي هليو. تنهن تي ميرن ڏڄي نيٺ موڪل ڏني، انهيءَ ڪري 1838ع ۾ چوٿون عهدنامون ٿيو.

## شرط

1. انگريزن ڪي سنڌ مان لشڪر ۽ لشڪري سامان لنگهائڻ جي موڪل ملي.
2. مير، ملهه تي گهربل سامان موجود ڪري ڏيندا.
3. مير تڪليف جي عيوض 21 لک روپيا نج + ڏيندا.
4. مير، ساليانو 3 لک روپيا انگريزن کي ڍل ڏيندا.
5. شاهه شجاع کي سندس رهيل ڍل جي عيوض 23 لک روپيا مير پري ڏيندا.
6. انگريز سرڪار جو 3000 لشڪر ڪراچيءَ ۾ رهندو ۽ انگريزي ريزيڊنٽ حيدرآباد ۾ رهندو. جنهن موجب پهريون ريزيڊنٽ ڪرنيل پاٽيچر ٿيو.
7. مير، واجب ڳالهه انگريزن جي قبول ڪندا.

مير نور محمد خان، 1842ع ۾ مير شهداد خان، ۽ مير حسين علي خان به پٽ چڏي مري ويو ۽ بلوچن، مير نصير خان کي رئس ڪري مڃيو.

## (73) مير نصير خان جي آڪاٽي

هن جي وقت ۾ ميجر آئوٽرام انگريزي ريزيڊنٽ ٿي آيو، جنهن جي ڏينهن ۾ مير نور محمد خان جي ٻنهي پٽن جو ملڪيت تان تڪرار ٿيو، مگر ميجر
نج معنيٰ فقط چانديءَ جا چاڪاڻ ته عام روپين ۾ ڏاتو پيو به ملائيندا آهن.
ٺاهه ڪرائي ڇڏين. سنه 1841ع ۾ سنڌ ۾ تمام سخت وبا پيئي.

## مياڻيءَ جي جنگ جا سبب

بلوچن جو ٻڌو، ته افغانستان ۾ دوست محمد جي پٽ، اڪبر خان انگريزي لشڪر کي (جو سرجان ڪين جي هٿ هيٺ سنڌ مان لنگهي ويو هو) شڪست ڏني آهي، تنهنڪري انگريز زور گهٽ سمجهي، شوخي ڏيکارڻ لڳا. انهيءَ ڪري ميرن کي دبائڻ لاءِ سرچارلس نيپئر جهڙو سياڻو، تجويزي ۽ آزمودگار آدمي 1842ع ۾ ميجر آئوٽرام جي مٽان وڏو ريزيڊنٽ مقرر ٿي آيو. ان وقت لارڊايلمبرو هندستان جو وائسراءِ هو، جو زبردست ۽ بيدار مغز هو، ان نيپئر صاحب کي لکيو ته ”سنڌ جي ميرن تي سخت نظر رک ۽ جيڪو سرڪار سان بي وفائي يا دغا ڪري، انهيءَ کي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ پاڳي پائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

سخت سزا ڏي“. هن اچڻ سان ڏنو ته مير، انگريزن کي نه ٿا ليکين، جو هو انگريزي مال تان محصول وٺڻ لڳا ۽ انگريزي لشڪر جيڪو قنڌار مان موٽي سنڌ مان اچي لنگهيو، تنهن سان ڪؤنس ڪيائون. هوڏانهن حيدرآباد ۾ وري مير نصير خان، مير شير محمد خان سان وڙهڻ جي بهاني تي لشڪر پئي گڏ ڪيو. انهن ڳالهين جي جنرل نيپئر، وائسراءِ کي رپورٽ لکي ۽ ايترو به لکيائين ته سنڌ جا ماڻهو ميرن کان بيزار آهن ۽ انگريز سرڪار ڏي سندن لاڙو گهڻو آهي. انهيءَ وچ ۾ مير علي مراد خان، مير رستم خان سان خيرپور جي گاديءَ لاءِ تڪرار ڪري جنرل نيپئر سان اچي مليو ۽ ڪيس انهيءَ شرط تي ڳجهي مدد ڪرڻ جو انجام ڪيائين، ته گاديءَ تي مون کي وهاريو ويندو. حيدرآباد ۾ به مير صوبدار، پنهنجن سؤٽن مير نصير خان ۽ ٻين سان گاديءَ لاءِ تڪرار ڪيو. انهيءَ ڪري ميرن کي به گهرو تڪرارن اچي ورايو. ڪراچيءَ جو سيٺ نائون مل جيڪو تمام وڏو زميندار، شاهوڪار واپاري ماڻهو هو، وٽس مال جي بچاءُ لاءِ هميشه جهجهو لشڪر رهندو هو، سو به ميرن جي بادشاهيءَ کان بيزار ٿي، انگريزن جو طرف وٺي بيٺو هو.

نيپئر صاحب کي، وائسراءِ کان 30 نومبر 1842ع جي حڪم پهتو ته ميرن سان رٿيل ڳالهين بابت نئين سر عهدنامو ڪريو. سرچارلس نيپئر اڳين ميرن جي ڏينهن ۾ ٿيلن عهدنامن جا شرط اڻپورا سمجهي، وري چوٿون دفعو هيٺين شرطن سان عهدنامو ڪرڻ لاءِ ميرن کي لکيو.

## شرط

1. ڪراچي، ٺٽو ۽ بکر هميشه لاءِ انگريزن کي ملن.
2. سنڌ ۾ جيڪو انگريزن جو مال اچي، تنهن جو محصول مير نه وٺن.
3. سڪي جي هڪ پاسي راڻي وڪٽوريا جي مهر پوي ۽ ٻئي پاسي ميرن جي مرضيءَ موجب.
4. سبزل ڪوٽ، روهڙيءَ سميت بهاولپور جي نواب کي ملي.
5. سنڌونديءَ جي ٻنهي ڪپن تي 10، 10 يارڊ زمين انگريزن کي ملي، ته اتي جي ٻيلن مان ڪاٺيون مفت انگريز ڪٽن.

ميرن عهدنامي جي شرطن تي اعتراض اٿاريا، ته پئدائش وارا سڀ هنڌ اسان کان کسيا ٿا وڃن، پر ميرن، پنهنجن گهرو تڪرارن ڪري ۽ جنرل نيپئر جي دڙڪن وارن خطن اچڻ ڪري لاچار ٿي عهدنامي تي صحيح ڪئي، تنهن تي ڪيترا بلوچ نُنڍا وڏا سردار اچي چڙيا ۽ درياءُ تي آئوٽرام صاحب جي ڇانوڻي تي ڪاهه ڪيائون. آئوٽرام صاحب لاچار ٿي پنهنجو سڄو عملو وٺي، ٻن آگبوٽن ۾ چڙهي جنرل نيپئر کي اچي هالن ۾ مليو ۽ کيس سڀ حقيقت ٻڌايائين. انهيءَ تي سرچارلس يڪدم لشڪر وٺي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

ميرن تي ڪاھ ڪئي.

### (74) مياڻيءَ جي جنگ جي آکاڻي

چوٽي آهي ته ”ميرن کي گهر مان لڳي.“ تنهنجي ثابتي هيٺينءَ ڳالھ مان ملي ٿي:

1. وچولي ۾ مير صوبدار خان جو نصير خان سان گاديءَ لاءِ تڪرار هو، تنهنڪري ميرن سان ڪنهن به صلاح مصلحت ۾ شامل نه هو، نڪي جنگ جي وقت ساڻن ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺو؛ پر مورڳو ميرن جون ڳجهيون ڳالهيون، جنرل کي پهچائيندو رهيو ۽ آخر جنگ جي وقت، خزاني جون ڪنجيون به پاڻ، جنرل جي حوالي ڪيائين. خيرپور ۾ وري مير علي مراد خان وڏي ياءُ مير رستم خان کان گاديءَ وٺڻ لاءِ سرچارلس نيپئر جو پاسو وٺي بيٺو ۽ ڪيس ڳجهيءَ طرح مدد ڪرڻ جو انجام ڪيائين.
2. نيپئر صاحب کي ميرن جي ڪمزوريءَ جي خبر اڳيئي هئي، تنهنڪري آئوٽرام صاحب جي خبرن پڌڻ سان هڪدم 2800 لشڪر ۽ ٻارنهن توبن سان ڪاهي اچي مياڻيءَ، وٽ پهتو. مير ته اڳيئي 22000 هزار لشڪر ۽ 15 توبن سان اتي هئا ۽ پنهنجو لشڪر، ڪجھ ڦليليءَ جي سڪل ٻيٺ ۾ ۽ ڪجھ جهنگل ۾ لڪائي چڏيو هئائون. ڏاڍي جنگ لڳي، بلوچن، ترارين ۽ بندوقن سان جوش مان ڪاھ ڪئي ۽ ڏاڍيءَ همت سان وڙهيا.
3. نيپئر صاحب ڏنو، ته انگريزي سولجرن جون گوليون، ڦليليءَ مٿان سڌيون هليون وڃن ٿيون ۽ مير هيٺ لڪي ويهن ٿا، جنهن ڪري رڳو انگريزي لشڪر پيو ٿو مارجي ۽ هار تي ٿئي. تڏهن حرفت ڪري پنهنجي لشڪر کي حڪم ڪيائين، ”ڦليليءَ جي ڪپ تي وڃي ڪاھ ڪريو.“ گهوڙي سوار اڳتي وڌيا ۽ وري نيپئر صاحب جي اشاري تي پٺتي هٽيا. جنهن تي بلوچن اهو هل اٿاريو، ته ”ڀڳاڙي لڳا.“ پوءِ بلوچ پل لنگهي ٻاهر ميدان تي آيا ۽ هٿيار پوهار چوڙي حقن، چلمن، نيرنن ۽ پنگن کي لڳي ويا.
4. نيپئر صاحب، تڏهن انگريزي لشڪر کي حڪم ڏنو، ته ميرن کي چوگرد ويڙهي وڃو. جنهن ڪري انگريزي گهوڙي سوارن مان ڪن وڃي، ميرن جي لشڪر جي پٺ ورتي، انهيءَ ڪري بلوچ وائڙا ٿي ويا، ته جي پڇي ويا، سي ڪيڏانهن آيا. سندن دلي همت هارجي ويئي. پوءِ ته انگريزن جي گولين، بلوچن کي ڀڄڻ وانگر پٽي ڀڳو. نيٺ ميرن جا اٽڪل 5000 ماڻهو مئا ۽ انگريزن جا فقط 250 ماڻهو نقصان ٿيا.

سڄي رات حيدرآباد جا ماڻهو انتظاريءَ ۾ رهيا، ته انگريز ضرور حيدرآباد جي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

قلعي کي توبن جي گولن سان اڏائيندا، پر ٻئي ڏينهن سڀ مير، نيپئر صاحب جي اڳيان پيش پيا. جن کي توڙي خود صوبدار خان کي جنرل نيپئر صاحب نظر بند ڪيو. تن ڏينهن ۾ هن حيدرآباد جي قلعي ۾ انگريزي جهنڊو (بيرق) کوڙيو. رعيتي ماڻهن کي ڪا بہ تڪليف ڪا نہ ٿي. هاڻي مياڻيءَ جي پرسان انهيءَ لڙائيءَ جي يادگيريءَ لاءِ هڪ عمدو نشان ٺهيل آهي، جنهن کي ”ڏيوري“ چئبو آهي، جو حيدرآباد کان 4 ميل پري آهي.

## (75) دٻي جي جنگ جي آڪاڻي

ميرن جي هار جي خبر ٻڌڻ تي، مير شير محمد ميرپور خاص جو حاڪم جنگ لاءِ سنبري نڪتو، 24 مارچ 1843ع ۾ ويهہ هزار بلوچ وٺي، انگريزن تي ڪاهي آيو. تنهن تي سرچارلس نيپئر بہ 5 هزار لشڪر وٺي، ان سان سامهون ٿيڻ لاءِ نڪتو. 24 مارچ 1843ع ۾ ڦليليءَ جي ڪپ تي، دٻي جي ڳوٺ وٽ تمام سخت لڙائي لڳي، مير شير محمد ۽ سندس سپهہ سالار هوش محمد قنبراڻي ڏاڍيءَ بهادريءَ سان وڙهيا. هوش محمد انگريزن جي لشڪر جي وچ ۾ ڪاهي پيو ۽ انگريزي سولجرن کي مارڻ سان، خوب پنهنجا هٿ ٺاريائين، تنهن تي سرچارلس نيپئر صاحب پنهنجي لشڪر کي حڪم ڏنو، تہ ”ماروڙي مارو.“ هوش محمد، تنهن تي جواب ڏنو، تہ ”مرويسون، مگر سنڌ نہ ڏيسون.“ آخر هوش محمد، بهادريءَ سان وڙهندي مارجي ويو، جنهن ڪري مير شير محمد جا ڇهہ ڇڄي پيا ۽ وٺي پنجاب ڏي ڀڳو. انگريزن، انهيءَ هنڌ بہ ”ڏيوري“ ٺهرائي، جنهن جي پرسان، بهادر هوش محمد جي قبر ٺهرايائون، جا هاڻي ڪٽائي ويا آهن. مير شير محمد جو ڀاءُ مير شاهہ محمد خان قيد ٿيو. ميرپور ۽ عمرڪوٽ وارا ڀاڳا بہ انگريزن کي مليا. انهيءَ طرح سڄي سنڌ انگريز سرڪار جي هٿ ۾ آئي.

## (76) ميرن جي نظر بند ٿيڻ جي آڪاڻي

هن کان پوءِ انگريزن، مير علي مراد خان ڪانسواءِ، ٻين سيني ميرن کي نظر بند ڪري، آگبوٽ ۾ چاڙهي درياءُ جي وچ ۾ بيهاري ڇڏيو. پوءِ ڪين بمبئي موڪليائون. جتي مير رستم وفات ڪئي، انهيءَ جو لاش، سنڌ ۾ آندو ويو پوءِ باقي مير ڪلڪتي وٺي ويا، جتي اٺ سال رهيا. انهيءَ عرصي ۾ وڏا مير اتي فوت ٿي ويا ۽ سندن لاش هتي آندائون. ننڍن ميرن کي پوءِ موٽائي، حيدرآباد موڪليائون. جن کي جاگيرون، زمينون ۽ پينشنيون ڏنيون، انگريز سرڪار راضي ڪيو. ٽالپرن جو راڄ 62 ورهين جي عرصي کان پوءِ پورو ٿيو ۽ انگريز سرڪار جي حڪومت شروع ٿي.

نوٽ: مير صوبدار خان مياڻيءَ جي فتح کان پوءِ، نيپئر صاحب کان سنڌ جي


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

گاديءَ لاءِ گهر ڪئي، پر نيپئر صاحب مورڳو تخت جي پڳ جي عيوض ڪيس نوڙيءَ جي پڳ ٻڌارائي، نظر بند ڪيو. ڇا ڪاڻ ته هن مائٽن سان به بي وفائي ڪئي، سو ڪيئن انگريز سرڪار سان وفادار ٿي رهي ها.

## (77) ٽالپرن جي وقت ۾ ملڪ جي حالت

1. مير صاحب صبح جو سوير دربار ڪندا هئا، جنهن ۾ عرضدار، پنهنجا عرض مير صاحبن جي آڏو پيش ڪندا هئا، جي پاڻ ٻڌندا هئا ۽ انهن جو جوڳو بندوبست ڪندا هئا. حڪومت جي سرشتي هلائڻ لاءِ مختيار ڪار، ڪاردار ۽ منشي هوندا هئا. مختيار ڪار جو پگهار 100 کان 200 روپين تائين، ڪاردار جو 30 کان 60 روپين تائين، محرر (منشيءَ) جو 6، 7، روپيه هو.
2. مير صاحبن جي حڪومت اڳوٽي زماني جي راڄوٽي، حڪومت جهڙي هئي، هو، ملڪ جا گهڻا ڀاڱا، پنهنجن سردارن کي جاگيرون ڪري ڏيندا هئا، اهي سردار جنگ جي وقت، پاڻ به ايندا هئا ۽ لشڪر به آڻيندا هئا؛ جنهن ڪري لشڪر تي خرچ هينئر وانگر ڪين ٿيندو هو. ساري سنڌ ننڍن ننڍن ٽڪرن ۾ ورهايل هئي، جنهن تي جدا جدا مير، راڄ ڪندا هئا.
3. انصاف ۽ پوليس جي بندوبست لاءِ چيوترائي (فوجدار) مقرر ٿيل هئا، جن کي ڏنڊ وجهڻ يا قيد ڪرڻ جي اختياري هئي. ڦاسي جي سزا مير صاحب خود ڏيندا هئا. ديواني ڪمن جو نبيرو، ڳوٺ جي پنچائت ڪندي هئي. هر هڪ فوجدار جي هيٺان 100 کن چوڪيدار (ڪانسٽيبل) رهندا هئا. پيرادو انهن ڏينهن جا تمام هوشيار هوندا هئا، جي چورن کي مهينن بعد به لڳل پيرن جي نشانن تي پڪڙيندا هئا.
4. مير صاحب، پنهنجيءَ حڪومت جي سرشتي لاءِ فقط واپار ۽ زمين تي ڍلون وجهندا هئا. سون چانديءَ ۽ ٽامي جا سڪا هلندا هئا، جن جي وسيلي خريد فروخت (مٽا سٽا) ٿيندي هئي. پائي ۽ پئسي کان سواءِ ننڍا سڪا، دمڙي ۽ ڪسيرو به هئا، تنهن کان سواءِ ڪوڏيون به مٽا سٽا ۾ ڪتب اينديون هيون.
5. علم پڙهائڻ لاءِ، خانگي مڪتب هئا، جن ۾ عربي ۽ پارسي پڙهائي ويندي هئي. هندو به پارسي پڙهندا هئا، جن مان مير صاحبن جا محرر ۽ ديوان جي هاٽوڪن دفتر دارن جي بجاءِ هئا، مقرر ٿيندا هئا. اڪثر سمورو لکپڙهه جو سرڪاري ڪم هندن جي حوالي ۾ هو.
6. اناج، بلڪل سستو هوندو هو. ڪڻڪ، سوارپئي مڻ ملندي هئي، اڇا چانور، 3 روپئي مڻ ۽ ٻاڙها، هڪ روپئي مڻ، گيهه 20 رپئي مڻ ملندو هو. کنڊ، اصل ڪا نه هئي، کمند مان ڳڙ ۽ مٺائي، سنڌ ۾ ٺهندي هئي.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

7. مير صاحب نشو ڪو نہ واپرائيندا هئا ۽ بلڪل پرهيزگار هئا. پر ڪين شڪار جو گهڻو شوق هوندو هو. جنهنڪري شڪار گاهہ ٺهرائيندا هئا. مير علي مراد خان ڪي، تہ تمام گهڻو شؤق شڪار جو هو. جنهنڪري عام پهاڪو هو تہ ”مير فتح علي خان، جنگ ۾، مير ڪرم علي خان، رنگ ۾، مير نصير خان، ينگ ۾، تہ مير علي مراد خان، جهنگ ۾:“ هيءُ پهاڪو ميرپور جي ميرن لاءِ وري ٻئي ڍنگ ۾ هيئن چيل هو. ”مير سهراب خان جنگ ۾ (ملڪ فتح ڪرڻ ۾)؛ مير رستم خان ينگ ۾ (نشي ۾)، مير نصير خان رنگ ۾ (عيش عشرت راڳ روپ ۾) تہ مير علي مراد خان جهنگ ۾ (شڪار گاهن ۾)“

**مشقي سوالات:**

1. ”ميرن ڪي گهر مان لڳي.“ سو ثابت ڪريو؟
2. نيپئر صاحب ٿوري لشڪر سان بہ ميرن تي ڇو ڪاهہ ڪئي؟
3. انگريزن ۽ ميرن جي لشڪر جي بيهڪ جو نمونو ڀڏايو ۽ انهيءَ جو نقشو ڪڍو؟
4. نيپئر صاحب ڪهڙيءَ طرح ميرن تي فتح پاتي؟
5. دٻي جي جنگ ۾ مير شير محمد جو مددگار ڪير هو؟ انهيءَ جو بيان ڏيو؟

## (78) انگريزن جي آڪاٽي

انگريزن جو اصل ملڪ انگلينڊ آهي. پهريائين سنہ 1600ع ۾ انگريزن جي هڪڙي جماعت ”ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ“ جي نالي سان هندستان ۾ واپار ڪرڻ جي ارادي سان آئي، جنهن سنہ 1612ع ۾ سورٺ شهر ۾ واپار جي ڪوٺي وڌي. واپار ڪندي، هندستان مان ايترو ڌن ڪمايائون، جو زور وٺندي، هندستان جي ڪيترن ملڪن جا مالڪ بڻجي ويٺا. سنہ 1785ع ۾ ان وقت هندستان مان اناج، ڪپڙا، مصالحو وغيره شيون انگلينڊ ۽ ٻين ملڪن ڏانهن وينديون هيون.

ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي جي ڏينهن ۾ انگريزن ٺٽي ۽ شاهبندر ۾ پڻ واپار جون ڪوٺيون وڌيون، جي پوءِ ميان سرفراز ڪٽائي ڇڏين. وري مير فتح علي خان جي ڏينهن ۾ ڪوٺيون وڌائون، پر اهي بہ جلد ئي بند ڪرڻيون پين. نيٺ سنہ 1809ع ۾ مير غلام عليءَ جي ڏينهن ۾ سنڌ ۾ پڪيءَ طرح واپار جون ڪوٺيون وڌائون. واپار ڪندي ۽ هڪ ٻئي پنيان ڇئن عهدنامن ڪندي، ايترو زور ورتائون، جو مياڻيءَ ۽ دٻي جي جنگين ڪان پوءِ سنڌ جا والي بڻجي ويٺا. عام پهاڪو آهي، تہ ”آئي ٽانڊو ڪڍڻ بورچاٽي بڻجي ويٺي“.

ياد رهي، تہ جن بادشاهي خاندانن ۾ گهرو تڪرار ٿا ٿين، تن ڪي رعيت جي سڌاري جو ڪو بہ خيال ڪو نہ ٿو رهي، ڇو تہ انهن جو سمورو وقت تڪرارن ۾ ضايع


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ٿو ٿئي، انهيءَ ڪري پوين ميرن جي ڏينهن ۾ ملڪ ۾ بي بندوبستي ٿي ۽ ظلم ۽ انڌير ڪري ماڻهن جو سک ۽ آرام ويو، جن جي آهُن آخر انگريز سرڪار جي حڪومت سنڌ سڀوريءَ تي نمودار ڪئي. سنہ 1843ع کان وٺي 1857ع تائين سنڌ ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جو راڄ هو. 1857ع ۾ هند ۽ سنڌ ۾ وڏو بلوو ٿيو، جنهن ڪري هنڌ ۽ سنڌ جي حڪومت مهاراڻيءَ وڪٽوريا هٿ ۾ آندي 1901ع ۾ مهاراڻيءَ وفات ڪئي، تنهن کان پوءِ سندس پٽ ايڊورڊ ستون هند سنڌ جو شهنشاهه ٿيو. 1910ع ۾ شهنشاهه ايڊورڊ ستون گذاري ويو، تنهنڪري سندس پٽ جارج پنجون هند ۽ سنڌ جو شهنشاهه ٿيو. هن وقت اسان جو بادشاهه جارج پنجون آهي، جو انگلنڊ ڏيهه جي لنڊن شهر ۾ رهي ٿو سندس پاران سنڌ جو حاڪم ڪمشنر صاحب آهي، جو ڪراچيءَ ۾ رهي ٿو.

## (79) سر چارلس نيپئر صاحب جي آڪاٽي

1. تاريخ 12 مارچ 1843ع جي، گورنر جنرل لارڊ ايلمبرو جي فرمان موجب، سنڌ، انگريزن جي ملڪ سان گڏي وئي ۽ سرچارلس نيپئر سنڌ جو گورنر مقرر ڪيو ويو.
2. تاريخ 20 مئي 1843ع جي نيپئر صاحب، پروچن خواه ٻين جاگيردارن ۽ سردارن ڏي، عام اشتهار ڪڍيو، ته ”جيڪي سردار ۽ جاگيردار ۽ ٻيا ماڻهو سلام ڪندا، تن جا سڀ حق ۽ جاگيرون قائم رکيو ويندو.“ سرچارلس جي انهيءَ اشتهار موجب اٽڪل ٽن هزارن جاگيردارن اچي سلام ڪيو، جن جون جاگيرون بحال ڪيون ويون ۽ ڪين پروانا ۽ انعام مليا. پوءِ حيدرآبادي ۽ ميرپوري ميرن کي اٽڪل ڏيڍ لک رپئي جون جاگيرون ۽ چئن لکن روپين جون ماهوار پينشنيون ڏنيون ويون. مير علي مراد خان کي خيرپور رياست ملي. هينئر خيرپور رياست جو والي مير علي نواز خان ٽالپر آهي. سيٺ نائونمل يوجواڻي کي سراپا (مٿي کان پيرن تائين پوشاڪ) ۽ ٽن پيڙهين تائين پينشن عطا ٿي، ڇا ڪاڻ ته هن انگريزي عملدارن کي سنڌ فتح ڪرڻ لاءِ ۽ ڪابل تي چڙهيءَ وقت نيڪ صلاح ۽ هر طرح جي مدد ڏني هئي، هيءُ سرڪار جو سچو خيرخواه ۽ وفادار دوست هو. هن، مٿين جنگين ۾ کاڌي پيتي جي سامان ۽ اٺن جي موجود ڪري ڏيڻ ۾ سرڪار کي گهڻي مدد ڪئي هئي. پوءِ 1857ع جي وڏي بلوي ۾ فساد بند ڪرڻ ۾ به گهڻي چالاڪي ڏيکاري هائين. انهيءَ سبب 1867ع ۾ ڪيس، انهيءَ وقت جي ڪمشنر صاحب مانسفيلڊ، فريئر هال منجهه وڏيءَ دربار ۾ ستاره هند جو لقب ڏنو.
3. نيپئر صاحب، ماڻهن جي سهنج ۽ سهولت لاءِ ۽ حڪومت جي خرچي لاءِ سنڌ


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڪي ڪراچي، حيدرآباد ۽ شڪارپور ٽن ضلعن ۾ ورهائي، انهن تي ڪليڪٽر مقرر ڪيا ۽ خان ڳڙه (جنهن کي پوءِ جيڪب صاحب سنڌ جي ڪمشنر وڌائي، جيڪب آباد جي نالي سان مشهور ڪيو) ۾ ڊپٽي ڪمشنر رکيائين. پوليس جو پورو بندوبست ڪيائين. ٻئي سال، سرچارلس نيپئر لشڪر وٺي، بلوچستان جي سرحد وارن ٽڪرن جي ڊومڪين ۽ ٻين قومن جي سردار بجار خان ڊومڪيءَ کي پڪڙڻ لاءِ ۽ فساد ۽ ڦرلٽ بند ڪرڻ لاءِ ويو. مير علي مراد خان ٻه چڱي مدد ڏني. آخر فساد ڪندڙن سردارن کي گرفتار ڪيو ويو. اهڙيءَ طرح ٿورو ٿورو ڪري، سنڌ ۾ سڀ فساد ۽ ظلم بند ٿيا ۽ حڪومت آرام سان هلڻ لڳي.

4. نيپئر صاحب، ڪراچي بندر کي ٻه سڌاريو ۽ اتي هڪڙو بند نيپئر روڊ نالي ٺهرايائين. نيٺ 1 آڪٽوبر 1847ع تي هيءُ صاحب ولايت روانو ٿيو.

## (80) سنڌ جا مکيه ڪمشنر ۽ انهن جي ڏينهن ۾ سڌارا

**پرنگل صاحب:**

نيپئر صاحب جي وڃڻ بعد هند سرڪار، سنڌ، بمبئي پريزيڊنسيءَ سان لڳائي، سنڌ تي پرنگل صاحب پهريون ڪمشنر مقرر ڪري موڪليو. سندس ڏينهن ۾ حڪمرانيءَ جا گهڻا پڪا بندوبست ٿيا.هن وقت تائين ٿيويهه کن ڪمشنر ٿيا آهن.

**فريئر صاحب:**

هن جي ڏينهن ۾ خيرپور رياست جي مير صاحب جي هاٿوڪي ملڪ جي حد مقرر ڪئي ويئي ۽ ثابتين ڪان پوءِ هن ڪان نوشهرو فيروز، ڪنڊيارو، بردڪو، شاه ٻيلو، چڪ، سعيدآباد، اٻاوڙو، ميرپور ماٿيلو ۽ ٻيا ڀاڱا ورتا ويا. ميونسپالٽي يعني خود حڪومت جو سرشتو جاري ٿيو، جنهن موجب ڪراچيءَ ۾ پهرين ميونسپالٽي پيئي. جيڪي مير صاحب ڪلڪتي ويا هئا، تن کي سنڌ ۾ موٽي اچڻ جي اجازت ڏني وئي. 1852ع ۾ پوليس جو جوڳو بندوبست ٿيو، انهيءَ جي هيٺان هر ضلعي ۾ پوليس ڪپتان رکيا ويا. انگريزي اسڪول کوليا ويا. نيٺ سنه 1886ع ۾ فريئر صاحب ولايت ڏانهن موڪل تي روانو ٿيو. جڏهن موٽي آيو، تڏهن ڪراچيءَ کان ڪوٽڙيءَ تائين ريلوي ڪولڻ جو ڪم جاري ٿيو. سنڌونديءَ تي واپار ۽ آمدرفت لاءِ جهاز هلڻ لڳا. فريئر صاحب جي وڃڻ مهل، ڪراچيءَ جي ماڻهن ڪيس هڪ مانپتر ڏنو ۽ سندس نالي جي يادگيريءَ لاءِ چندو ڪري، هڪ عاليشان جاءِ فريئر هال نالي ڪراچيءَ ۾ ٺهرايائون.

**انورارٽي صاحب:**

هن جي ڏينهن ۾ منڙائو واهه کوٽايو ويو. هن جي دؤر ۾ جاگيرن جي ڪلاسن


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

نهڻ جو ڪم پورو ٿيو. ديواني ڪورٽون کليون. حيدرآباد ۽ شڪارپور ۾ به ميونسپالٽيون پيون. ڪراچيءَ وٽ آگبوٽن بيهارڻ جو بندوبست ٿيو. ڪراچيءَ ۽ ڪوٽڙيءَ واري گاڏي هلي، جنهن ۾ پهريائين بمبئي جو گورنر صاحب چڙهيو.

**سرچارلس پريچرڊ صاحب:**

هن جي ڏينهن ۾ حيدرآباد جو ٽريننگ ڪاليج، ماسترن جي تعليم لاءِ کليو ۽ سندس نالي تي ڪڪڙ تعلقي ۾ پريچرڊ واهه به کوٽايو ويو. 1889ع جي مارچ مهيني ۾ لارڊري بمبئي جو گورنر صاحب، سکر ۽ روهڙيءَ واري پل، ان وقت جي گورنر جنرل لارڊ لئنسڊائون جي نالي، لئنسڊائون برج جي نالي سان کولڻ آيو. انهيءَ پل تي ڪل چاليهه لک روپيه خرچ ٿيو.

**جيمس صاحب:**

هن پنهنجو ڏاڪو سنڌ ۾ چڱو وچايو ۽ گهڻا سڌارا ڪيا. جيئن ته: تپيدارن جو رواج شروع ٿيو ۽ حيدرآباد سينٽرل جيل تيار ٿيو. ڪراچي سنڌ مدرسة الاسلام کوليو ويو. زنانيون اسپتالون وڏن شهرن ۾ جاري ڪيو ويون. حيدرآباد ۽ ڪوٽڙيءَ واري پل تهي پوري ٿي. ڏيارام ڄيٺمل ڪاليج ڪراچيءَ ۾، سنڌي آدمين لاءِ بي اي ۽ ايم اي امتحانن لاءِ کوليو ويو. شادي پلي ريلوي ۽ روهڙي ڪوٽڙي ريلوي به جاري ٿيون. ٺٽ جي سانگهڙ تعلقي ۾ مکيءَ ڍنڍ جي ٻيلن ۾ رهندڙن ڌاڙيلن حرن جي ٽولين کي لوڙهو ڏياري بند ڪيو ويو. سنڌن سردارن ٻچو ۽ پيروءَ کي ڌاڙيءَ تڪليف کان پوءِ هٿ ڪري مارايو ويو. اهڙيءَ طرح ڌاڙا بند ڪيا ويا. بمبئي ڪائونسل ۾ ميمبر چونڊي موڪلڻ جو حق، سنڌ جي زميندارن ۽ جاگيردارن کي مليو. ٺٽ ۾ به ڊيپوٽي ڪمشنر رهيو.

## ٻين ڪمشنرن صاحبن جا سڌارا

جن ٻين ڪمشنر صاحبن سنڌ تي حڪومت ڪئي آهي، تن جي ڏينهن ۾ لاڙڪاڻي ۽ نواب شاهه جون وڏيڪ ڪليڪٽريون ٿيون ۽ سنڌ، خيرپور رياست کان سواءِ ستن ضلعن ۽ ڪراچي ۽ حيدرآباد تي هيلتائين ڪل اٽڪل 24 ڪمشنر ٿيا آهن.

نواب شاهه، سکر، لاڙڪاڻو، ٿرپارڪار ۽ جيڪب آباد (اپر سرحد سنڌ) ۾ وراهجي ويئي. جن مان فقط جيڪب آباد ۾ ڊپٽي ڪمشنر رهي ٿو ۽ ٻين ضلعن ۾ ڪليڪٽر صاحب رهن ٿا. ٻيا به ڪيترا سڌارا ٿيا آهن، جي اسين اڄ سيني هنڌ ڏسون ٿا. هينئر اسان جو ڪمشنر صاحب مسٽر ٿامس صاحب آهي. ڪانئس اڳئين ڪمشنر صاحب مسٽر ڪئڊيل صاحب جي ڏينهن ۾ سکر لائڊ براج جهڙو واهه، سر جارج لائڊ، هندستان جي سيڪريٽريءَ جي نالي تي تيار ٿيڻ شروع ٿيو: اميد آهي ته هن واهه جي پوري ٿيڻ بعد، سنڌ ملڪ، جنهن جو ڪپل ڀاڱو بيابان لڳو پيو آهي، سو آباديءَ ۽ سبزيءَ ڪري دنيا ۾ هڪ سهڻو باغ ٿي پوندو ۽ انهيءَ کان سواءِ ڪجهه ٻيون رٿون به



سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

بحال ٿيون آهن. جهڙوڪ: لاڙڪاڻ ضلع کي ٽوڙي ٻه ضلع ڪجن نئين ڪليڪٽريءَ جو هيڊ ڪوارٽر دادوءَ ۾ ٿيندو. ڏگري پڻ نئون ضلع ٿيندو. يعني سنڌ ۾ ڪل 9 ضلع ٿيندا.

# آڳاٽن شهرن جو احوال

### الوريا اروڙ

هيءُ شهر هندو راجائن جي راڄ ۾ سنڌ جي گاديءُ جو هنڌ هو. خيرپور ميرس ۽ روهڙيءَ جي وچ ۾ سنڌو درياءَ جي ڏائي ڪپ تي اڏيل هو. انهيءَ وقت هن شهر جو اوج تمام خاصو هو. درياءُ پرسان وهندو هوس. تنهنڪري منجهس باغ بستان. ڪوهه تلاءُ ۽ ٻيڙين جي بيهڻ جا بندر گهڻا هئا. واپار ٻه انهيءَ ڪري جهجهو هلندڙ هوس. مندر. محلات. ڪوٽ ۽ عمديون جايون ڏسي حيرت وٺندي هئي. منجهس سڪندر بادشاهه جو قلعو. سپ ڪان آڳاٽو قلعو هو. راجا دلوراءِ جي ظلم ڪري ناس ٿي ويو. (جو بيان مٿي پڙهي آيا آهيو)

### برهمڻ آباد يا ٻانيٽاهه:

هن شهر ۾ هندو راجائن جي راڄ ۾ برهمڻ گهڻا رهندا هئا. تنهنڪري برهمڻ آباد نالو پيس. انهيءَ وقت ۾ هن شهر جو اوج ڏسي عقل چرخ تي ويندو هو. چؤڌاري شاهي ديوار هئس. جنهن جي اندر سهڻا محلات. گهڻا باغ ۽ هڪ اوچو منارو هو. هيءُ شهر شهدادپور ڪان 8 ميل پري هو. الور ڦٽڻ ڪان پوءِ راجا دلوراءِ هتي اچي رهڻ لڳو. پر پنهنجن ظلمن ۽ پاپن ڪان باز هت ٻه نه آيو. تنهنڪري هيءُ شهر ناس ٿيو. هاڻي هڪ ٺلهه انهيءَ هنڌ بيٺل آهي. جو ان وقت جي ڪاريگريءَ ۽ هنر جو هڪ نشان آهي.

### سيوستان (سيوهڻ)

هن شهر ۾ 2200 ورهيه اڳي سامبس نالي هڪ راجا هوندو هو. جنهن جي وقت ۾ سڪندر بادشاهه سنڌ ۾ آيو ۽ سيوهڻ ۾ اچي قلعو ٺهرايائين. راءِ سهاراس ٻئي جي حڪومت جي چئن پاڱن ۾ هيءُ ٻه هڪ پاڱو هو. جنهن تي راجا جو نائب راڄ ڪندو هو. اڳي ڏيک ويک ۽ وڻج واپار ۾ پڻ گهٽ نه هو. قلندر لعل شهباز جو اوچو مقبرو ۽ نشان شهر ۾ آهي. سندس يادگيريءَ ۾ هر سال ماهه شعبان ۾ ٽي ڏينهن ميلو لڳندو آهي. وچولي زماني ۾ ڪيس سمان ننگر چوندا هئا. پر هاڻي ڪيس سيوهڻ سڏيندا آهن.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

## ٺٽو

عربن ۽ غزنوين جا ڪي صوبا، هن شهر ۾ رهندا هئا. سومرن، سمن، ارغونن ۽ ترخانن جي راڄ ۾ پڻ سنڌ جو تخت گاهه ٺٽو هو. ڄام نندي هاڻوڪي ٺٽي جو بنياد وڌو. اڳي ٺٽي کي ننگر ڪري چوندا هئا. ٺٽو، ارغون، ترخان ۽ مغلن جي حڪومت ۾ مسجدن ۽ عمارتن سان ڏاڍو سينگارجي ويو هو. شاهه جهان، دهليءَ جي مغل شهنشاهه منجهس جامع (وڏي) مسجد ٺهرائي، جا اڄان بيني آهي. انهيءَ وقت ڇا نظاري ۾ ڇا دٻدٻي ۾ بيشڪ اول نمبر شهر هو. سنڌو درياءُ، پرسان وهندڙ هوس، تنهنڪري واپار ۾ به پهريون نمبر هو. هزارين ماڻهو ڪپڙي اٽڻ ۾ مشغول هوندا هئا، بادشاهن ۽ نوابن لاءِ ريشم مان عمديون لونگيون ٺهنديون هيون. هاڻي منجهس ڪن بادشاهن، نوابن، سيدن، پيرن، ولين ۽ ڪن وڏن خانداني آدمين جون تربتون ۽ مقبرا، اتر طرف مڪليءَ جي ٽڪريءَ تي آهن ۽ اٽڪل سوا لک پيرن جون تربتون ٽڪريءَ تي آهن، انهيءَ ڪري انهيءَ ٽڪريءَ کي پاڪ هنڌ ڄاڻي ڪيس مڪلي يعني ننڍو مڪو سڏيندا آهن. هن شهر ڏي ويندي، واٽ تي واريءَ جا ڍڳ ڏسبا آهن، انهيءَ مان معلوم ٿئي ٿو، ته اڳي هي شهر به درياءُ جي ڪناري تي هو، ارغونن، ترخانن ۽ ڪلهوڙن جي وقت ۾ هي شهر چڱو آباد ۽ وسندڙ هو. ڪن ڪن بادشاهن جا پٽ يا صوبا، پنهنجن اميرن ۽ سردارن سان گڏ هتي اچي رهندا هئا، مرزا شاهه حسن ۽ ميان محمد مرادياب خان، هن شهر کي تخت گاهه ڪيو. هتي اميرن ۽ سردارن لاءِ عمدا ڪپڙا ٺهندا هئا، تنهنڪري هينئر به منجهس ڪيس ٺهن ٿا. مگر تڏهن به نظاري ۽ سونهن ۾ گهڻو گهٽ ٿي ويو آهي. هن شهر ۾ اڏيري لعل جو ميلو سال ۾ به دفعا لڳي ٿو ۽ انهيءَ وقت تي جهجهو واپار هلي ٿو.

## خدا آباد:

هن شهر کي ميان يار محمد ڪلهوڙي، آباد ڪري تخت گاهه ڪيو، انهيءَ ڪري پهرين ڪلهوڙن حاڪمن جي وقت ۾ هن شهر جو چڱو اوج ٿيو. منجهس ڪلهوڙن حاڪمن جا منشي (عامل) به رهندا هئا، مگر جڏهن ميان غلام شاهه حيدرآباد کي تخت گاهه ڪيو. تڏهن اهي عامل ۽ ٻيا ماڻهو لڏي وڃي حيدرآباد ۾ وينا. اهڙيءَ طرح بادشاهي تخت نڪري وڃڻ ڪري، شهر جو ويو هيٺو حال ٿيندو. هاڻي ته شهر ناس ٿيل حالت ۾ ڏسجي ٿو، نشان لاءِ مسجد بيٺل آهي.

## حيدرآباد (نيرن ڪوٽ):

سڪندر بادشاهه لاڙ واري پاڳي ۾ پٽيالا نالي هڪڙو شهر ٻڌرايو، جو هاڻوڪي حيدرآباد واريءَ جڳهه تي هو. هندو راجائن جي وقت ۾ نيرون راءِ نائب هتي رهڻ لڳو، جنهن نيرن ڪوٽ نالو ڏنس. محمد بن قاسم ديبل بندر وٺڻ کان پوءِ نيرن


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڪوٽ تي ڪاهيو هو. ميان غلام شاهه ڪلهوڙي، نيرن ڪوٽ ڪي گاديءَ جو هنڌ ڪيو. تڏهانڪر هن شهر جو ستارو ويو چڙهندو. ميان، منجهس مضبوط قلعو ٺهرايو ۽ شهر ڪي ڏادو وڌايو. خدا آبادي عامل ۽ ٻيا ماڻهو بہ منجهس اچي رهڻ لڳا. پوءِ تہ شهر ويو ٻيٽو ٽيٽو ٿيندو. ميان، پنهنجي مرشد جي نالي حيدرآباد نالو رکيو. قلعي جي اولهہ پاسي، شاهہ مڪائيءَ وٽ ٻيو هڪڙو ڪچسرائون قلعو بہ جوڙايائين. انهيءَ وقت ڪان وٺي شهر جو ڊؤل ۽ رنگ روپ وڌندو رهيو. ڪلهوڙن ۽ ميرن جي صاحبيءَ ۾ تہ گاديءَ جي هنڌ هئڻ ڪري عمدو شهر ٿي پيو هو. هاڻي انگريز سرڪار بہ چڱو ئي وڌايو ۽ سينگاريو اٿس ۽ هينئر سنڌ ۾ ڪراچي ڪان پوءِ ٻيو نمبر شهر آهي.

## ڪراچي:

اڳي هيءُ تمام ننڍڙو ڳوٺڙو هو. منجهس مهاڻا ۽ ڪي ٿورا هندو واپاري رهندا هئا. ڪلهوڙن پنهنجي راڄ ۾ هيءُ ڳوٺ قلات جي خان کي ڏنو. انهيءَ وقت سيٺ نائون مل جي پڙ ڏاڏي سيٺ ڀوڄومل، ڳوٺ جي بچاءُ لاءِ هڪ ڪچو ڪوٽ ٻن دروازن سان ٺهرايو. هڪ دروازو سنڌودرياءَ ڏانهن ۽ ٻيو سمنڊ ڏانهن ٺهرايائين. اهي دروازا اڄ ڏينهن تائين مٺي در ۽ کاري در جي نالن سان مشهور آهن. ٽالپرن، ڪراچي هٿ ڪري، منجهس منهوڙي تي قلعو ٺهرايو. جو 1838ع ۾ انگريزن، ڪابل ڏانهن وڃڻ وقت ڀيجي ڇڏيو. هينئر سڄيءَ سنڌ ۾ پهريون نمبر شهر آهي.

## لاڙڪاڻو:

هيءُ تمام جهونو شهر آهي. سڪندر بادشاهہ هن شهر تي ۽ سندس ويجهو ماهوٽن تي ڪاهہ ڪئي هئي. ميان نور محمد ڪلهوڙي پنهنجي گاديءَ جو هنڌ ڪيو هو. هينئر سنڌ ۾ چڱو مشهور شهر آهي.

## سنڌ جا دڙا:

قدرت جا عجب دور آهن. جتي اڳي سهڻا نظاريدار عاليشان شهر هئا، اتي هينئر ڀڙڀينگ ۽ مٽيءَ جا دڙا لڳا پيا آهن. اهڙا دڙا سنڌ ۾ گهڻي ئي لڌا آهن، جيئن تہ مهن جو دڙو، ڪائوءَ جو دڙو ۽ جهڪر جو دڙو وغيره انهن سڀني مان مهن جو دڙو مشهور آهي.

## مهن جو دڙو:

هيءُ دڙو لاڙڪاڻي ضلعي جي ڏوڪريءَ اسٽيشن کان 8 ميلن جي مفاصلي تي آهي، اهو دڙو مُني ڪوهہ ۾ ٿيندو. سنہ 1919ع ۾ هڪ صاحبلوڪ ڪوجنائون ڪندي هن دڙي وٽ اچي نڪتو. دڙو ڏسندي ئي اکيون چرخ ٿي ويئون ۽ پتو پئجي ويس تہ هن دڙي اندر ڪو عجيب نظارو ميرپور خاص جي ويجهو آهي. لاڙڪاڻہ تعلقي جي مٺي ديري ڳوٺ پرسان آهي.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

تو پائنجي. نيٺ سال 1925ع ۾ چار مهينا پوريءَ جاچ کان پوءِ هيءُ هند سنڌ بلڪ ولائتن ۾ به پڌرو ٿي ويو. کوٽائڻ سان خبر پيئي ته شهر مئان شهر آڏيل هو ۽ اهڙا چار پنج شهر هڪ ٻئي مٿان ٺهيل هئا، جي قدرت جي ڏمر ڪري دٻجي ويا هئا. هي شهر پنجن هزارن ورهين کان آڳاٽا شهر ٿا سمجهجن ۽ ثابت ٿيو آهي، ته آرين جي اچڻ کان اڳي به سنڌ جا ماڻهو سڌريل قوم هئا. دڙي جي اندران عاليشان شهر لڌو آهي، جنهن ۾ مندر ۽ هوادار گهر اهڙيءَ سڌائيءَ ۽ سنوت تي ٺهيل آهن، جو ڏسندي دل پيئي ٺري. هر هڪ گهر کي پڪ سرو فرش ٻڌل آهي ۽ اڱڻ ۾ ننڍڙي کوهي کوٽيل آهي، ڪن کوهن ۾ اجا پاڻي بيٺو آهي، گهر ننڍا آهن ۽ اڱڻ به ان سارو آهن. گهرن مان پاڻيءَ جو نيڪال وري زمين جي اندر پڪين ڪسين رستي آهي. گهٽيون ۽ رستا سوڙها آهن، پر مٿن پڪن سرن جو فرش ٻڌل آهي، اهي سرون اڄ به اهڙيون ٽڪيون بيٺيون آهن، جو نين سرن جي ساٽن جاءِ ڪانهي. گهرن کي شايد ڪلف پائڻ جو رواج ڪو نه هو. ڪتڻ جا چرخا، آڏاڻ، تارازيون، پٽر جا وٽ، ڪٽورا، پيالا، دلا، مٽ، چاڏيون، پٽل جو سامان، ديگڙيون، پوڃا جا بت (مورتيون) ٻيو ڪيترو عجيب سامان لڌو ويو آهي. اجا هن کوجنا کي سرڪاري ماڻهو مڙس ٿي لڳا بيٺا آهن ۽ اڌ صدي ٻي به لڳي ويندن. اميد آهي، ته اهڙيون حقيقتون ملنديون جو دنيا ۾ سنڌ جو منهن مٿي ڪنديون.

## نئين نموني موجب امتحاني سوال

سوال نمبر 1: ڏنگين ۾ ڏنلن نالن مان اهڙو نالو چونڊيو جئين جملو تواريخ موجب برابر ٿئي.

1. (اڻ آريه، آريه) اتر اولهه کان سنڌ ۾ آيا.
2. (يونانين، ايرانين) طب جو هنر سنڌ ۾ آندو.
3. (چچ، دريا خان) هڪ نمڪ حلال وزير هو.
4. (محمد بن قاسم، شاهه بيگ، بزيل، همايون) پهرين مسلمان هئو جنهن سنڌ تي ڪاهه ڪئي.
5. (سماء، سومرا، عرب) في آسامي وٺندا هئا.
6. (دودي، ابن سومار، حمير) جي ظلم ڪري سومرن جي حڪومت ناس ٿي.
7. (راجا ڏاهر، چندرا، دلوراءِ) جي ظلمن ڪري برهمڻ آباد ۽ الور ناس ٿيا.
8. (ڄام نندي، ڄام انڙ، ڄام فيروز) جي غلطين ڪري سمن جي بادشاهي ڇٽ ٿي.
9. (شاهه حسن، اڪبر، سلطان محمود) عمر ڪوٽ ۾ سنه 1542ع ۾ ڄائو.
10. (جاني بيگ، مرزا عيسيٰ، محمد باقيءَ) جي غفلت ڪري فرينگن ٺٽو ڦريو.
11. (خان خانان غازي بيگ، ميان نور محمد) پهريون سنڌ جو صوبو دهليءَ جي بادشاهه پاران ٿيو.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

12. (يار محمد، نور محمد، غلام شاهہ، عبدالنبي) ڪلهوڙن ۾ سنئي ۾ سنو بادشاهہ ٿيو آهي.
13. (احمد شاهہ ابدالي، نادر شاهہ، تيمور شاهہ) جي ڪاهہ کان پوءِ سنڌ جو اوسط دهليءَ کان ٽٽو هئو.
14. (مير فتح علي، غلام شاهہ، مير غلام عليءَ) جي ڏينهن ۾ انگريزن پهريائين سنڌ ۾ ڪوٺيون وڌيون.
15. (شاهہ شجاع، نور محمد، دوست محمد) جي مدد لاءِ انگريزن کي لشڪر سنڌو درياءَ مان لاچار ضروري لنگهائڻو هو.
16. (سر چالس نيپئر صاحب، پرنگل صاحب، فريئر صاحب) سنڌ جو پهريون ڪمشنر مقرر ٿي آيو.

سوال نمبر 2: هيٺين جملن ۾ ڀڙن واريءَ جاءِ تي ٺهندڙ لفظ وجهو:

1. آريہ ماڻهن ڪم جي سهولت لاءِ ................ ٺاهيون.
2. ................ خيال ڪري نڪتو تہ سڄي دنيا فتح ڪريان.
3. راءِ سهاراس ٻيو ................ سان جنگ ڪندي مارجي ويو.
4. چچ دولاب سان ................ کي ماريو.
5. بغداد جون ................ ديبل بندر وٽ ڦرجي ويون.
6. محمود غزنويءَ ................ جي ٻانهن نہ ملڻ سبب سنڌ تي ڪاهہ ڪرڻ لاءِ لشڪر موڪليو.
7. سومرن ۾ ................ ئي هئا، جن زبردست بادشاهہ علاؤالدين سان چڪري ڪاڏي.
8. نظام الدين ٻئي هاٿوڪي ................ جو بنياد وڌو ۽ ڪيس ڏاڍو سينگاريو.
9. ................ ڪيترا سيد، بزرگ ۽ ٻيا ڪيترا بي گناهہ ماڻهو ماريا ۽ آخر پاڻ کي بہ گهات ڪيائين.
10. دهليءَ جي شهزادي اچڻ وقت ................ سنڌو نديءَ تي ٻيڙين جي پل ٺهرائي.


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

# وزير ۽ ڪامورا

وزير ۽ ڪامورا نڪتہ چيني سهڻ لاءِ تيار ناهن ڇو تہ فطرتاً هر ڪو چاهي ٿو تہ هر هڪ منهنجي ساراه ۽ واکاڻ ڪري نہ گلا يا عيب جوئي. ان ڪانسواءِ وزير ۽ ڪامورا ڄاڻن ٿا تہ جيڪڏهن اسان جا ڪڌا ڪرتوت ظاهر ٿيندا تہ نہ رڳو اسان جا مطلب ۽ خواهشون روڪجي پونديون پر ممڪن آهي تہ خود وزارت يا نوڪريءَ تان ٿي ڪري پئون. تنهنڪري هو لاچار انهن ماڻهن خلاف قدم کڻن ٿا جي سندن عيب ظاهر ڪن ٿا. اهڙن قدمن کڻڻ لاءِ لاچار هو ڪوڙيون تهمتون ٺاهين ٿا. ڪڏهن تہ بنا ڪيس جي سيفٽي ائڪٽ هيٺ انهن کي جيل ۾ اماڻين ٿا. هو شايد اهي اجايا دليل ڏيندا هوندا تہ اجا پاڪستان تازو ٺهيو آهي تنهنڪري عوام ۾ ڇر پر پيدا ڪرڻ ۽ منجهن ناراضپو پيدا ڪرڻ پاڪستان لاءِ خطرناڪ آهي. ڇو تہ انهيءَ ڪري ممڪن آهي تہ ماڻهو حڪومت خلاف بغاوت ڪن. مگر دل ۾ هو ڄاڻن ٿا تہ پاڪستان جا مسلمان بغاوت ۽ فسادن کان سوَ ڪوهہ پري آهن. هو حڪومت سان سچار ۽ وفادار آهن. سندن سچائي ۽ وفاداري جي ڪري ئي پاڪستان ۾ ڪابہ گڙٻڙ ڪانہ ٿي آهي ۽ پاڪستان کي سڄي دنيا ۾ عزت سان ڏٺو ٿو وڃي. سچ پچ بہ بغاوت اسلام جو ضد آهي ۽ پاڪستانين کي پنهنجي فائدي لاءِ پاڪستان کي زور وٺائڻ لاءِ سورهن آنا امن امان ۾ رهڻ گهرجي. پر انهيءَ جو مطلب اهو ناهي تہ عوام کي يا پبلڪ کي سمهي ننڊ ڪرڻ گهرجي ۽ گهٽجي مري وڃڻ گهرجي، پر ڇا ظالمن جي ظلم جي ڳالهہ بہ ڪرڻ نہ گهرجي. نہ نہ، هرگز نہ . عوام ۽ پبلڪ جو پهريون فرض اهو آهي تہ پنهنجون تڪليفون ۽ زميندارن، ڪامورن، وزيرن ۽ ظالمن جا ظلم ۽ ڪارناما بنا ڊپ جي تقريرن ۾، اخبارن ۾، رسالن ۾ ۽ ڪتابن ۾ هر روز ۽ هر گهڙيءَ ظاهر ڪندا رهڻ گهرجن، بلڪ طاقت آهر ظلم جو مقابلو بہ ڪندو رهڻ گهرجي ۽ ائين ڪرڻ ۾ جيڪي تڪليفون درپيش اچن سي صبر ۽ ثابت قدمي سان سهندا رهن. پوءِ الله تعاليٰ جي رحمت جو درياهہ جوش ۾ ايندو ۽ ظلم لهي ويندا. ظالم غائب ٿي ويندا، عوام آزاد خوشحال ۽ آسودو ٿيندو ۽ اسان جو پيارو وطن پاڪستان ترقي ڪري طاقتور ٿيندو.



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

اسان جي ملڪ ۾ اسي يا نوي سيڪڙو ماڻهو مسڪين هاري ۽ مزدور آهن، جن مان گهڻا ته اڻ پڙهيل آهن. اهي ويچارا ايتري قدر مسڪين آهن ۽ جو ڍو تي ڪاڏو ڪونهين. ڪير مکڻ کان گهٽي قدر محروم آهن، ڪپڙو جان تي پورو ڪونهين، سياري جي سردي کان بچڻ لاءِ نه پورو ڪپڙو اٿن نه سوڙيون اٿن. جهوپڙيون به اهڙيون اٿن جن ۾ اونهاري ۾ گرميءَ ۾ ڪو سو واءِ ۽ سياري ۾ ٿڌي هوا چوٽ هلي اچي. بيمارين ۾ علاج ڪرائڻ لاءِ ڪين پيسو ڪونهي. سڌريل ملڪن جا هاري ۽ پورهيت اسان جي ملڪ جي هارين ۽ پورهيتن کان ڏهوڻ ڪمائين ٿا ۽ نهايت خوشحال آهن. اهڙين حالتن ۾ اسان جي زميندارن، ڪامورن ۽ وزيرن کي ڪو رحم نه ٿو اچي. پر اٿلندو مٿن ظالم ٿا ڪن ۽ پاڻ هزارين رپيا هٿ ڪري هر طرح جون موجون ٿا ماڻين.

حڪومت جا ڪار بردار تقريرن ۽ اخبارن جي وسيلي خوب پروپيگنڊا ڪندا ٿا رهن ته اسان ڏاڍو ڪم ڪيو آهي. پاڪستان جو منهن مٿي ڪيو اٿئون. (اسان جون اکيون ٿڏيون) مگر ان سان گڏ ٽورڙن لفظن ۾ هي به چوندا آهن ته افسوس جو اسان جي ماڻهن جي زندگيءَ جو معيار بلڪل هيٺ آهي ۽ افسوس جو مجبورين سبب اهو معيار بلند ڪري نه سگهيا آهيون. وڏي مجبوري هيءَ ٻڌائيندا آهن ته دشمنن جي حملہ جي خطري سبب وڏو خرچ لشڪر ۽ جهازن تي ڪرڻو ٿو پوي. پر هنن کان ڪو پڇڻ وارو آهي ئي ڪونه ته توهان عوام جي لاءِ جيڪي ڪم بنا خرچ ڪري سگهو ٿا سي ڪيو ٿا ڇا؟ توهان وڏيون پگهارون ڇو ٿا کڻو؟ رشوتون ۽ رسايون ڇو ٿا وٺو؟ زميندارن جون دعوتون ۽ شڪار پارٽيون، ڊنر ائٽ هوم ڇو ٿا وٺو؟ تجمل ۽ ڏيکاءُ تي ڇو ٿا خرچ ڪريو ؟ ڪامورن ۽ زميندارن جي رشوتن ۽ ظلمن کي بند ڪرڻ لاءِ ڇا ٿا ڪيو؟ پنهنجن دوستن ۽ مائٽن کي وڏا وڏا عهدا ڇو ٿا ڏيو؟ سرڪاري خزانو جيڪو پبلڪ مان ٿو اچي سو بيدرديءَ سان ڇو ٿا لٽيو؟ ڇو ايترا ڪلارڪ ۽ عهديدار ٿا رکو جن جي ضرورت ئي ڪانهي ۽ جن کي ڪم ئي ڪونهي؟ ڇو نه ٿا آفيسن ۾ وڃي ڏسو ته گهڻائي ڪلارڪ ماٺ ڪيو ڳالهيون وينا ڪن؟ ڇو ٿا اجايا گشت ڪيو جن ۾ لکين رپيا خرچ اچي ٿا وڃن؟ ڇو ٿا ايترا سفير ۽ هاءِ ڪمشنر مقرر ڪيو ۽ ڇو ٿا وڏا وڏا وفد مختلف ملڪن ۾ موڪليو؟ ڇو نه ٿا شراب وغيره بند ڪيو ته ماڻهن جو پيسو بچي؟ سيني ڪاتن جو انتظام درهم برهم ڇو ٿيو آهي؟ شاهوڪارن خواهہ مسڪينن جي اخلاقن سڌارڻ لاءِ کهڙي پروپيگنڊا ۽ کهڙا عملي قدم ٿا کڻو؟ چوندن جو طريقو ڇو نه ٿا سڌاريو ۽ چوندن ۾ دست اندازي ڇو ٿا ڪريو. وغيره وغيره. *(توحيد- مارچ1951)*


www.sindhsalamat.com
سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# پاڪستان جو دستور

بنيادي اصولن جي ڪاميٽي جي رپورٽ شايع ٿي چڪي آهي. ان تي گهڻن ئي طرفن کان تنقيد به ٿي چڪي آهي. مان فقط اسلامي نقط نگاه کان ڪي مختصر ريمارڪ پيش ٿو ڪريان. ڪاميٽي سفارش ڪئي آهي ته ڪو به اهڙو قانون پاس نه ڪيو وڃي جو قرآن شريف ۽ سنت جي خلاف هجي ۽ مرڪز ۽ صوبن جي قانون ساز مجلس سان گڏ علمائن جون مجلسون مقرر ڪيون وڃن جن کان راءِ ورتي وڃي ته فلاڻي اختلافي معاملي ۾ قرآن ۽ سنت جو حڪم ڪهڙو آهي. غالب گمان هي آهي ته وڏن عالمن کي وڏيون پگهارون ڏيئي خريد ڪيو ويندو جنهن جو نتيجو گهٽي قدر اهو ٿيندو ته عوام جي اکين ۾ ڌوڙ وڌي ويندي ۽ ڪين خوش ڪيو ويندو ته بس هاڻي اسلامي حڪومت قائم ٿي وئي آهي. جيڪڏهن ڪي علماءَ اهي عهداقبول ڪندا ته انهن کي پيٽ جا پوڄاري سڏڻ گهرجي. وري لطف هي آهي ته انهن جي مقرر ڪرڻ جي اختياري گورنمينٽ کي ئي هوندي. پوءِ چو نه گورنمينٽ فقط انهن عالمن کي مقرر ڪندي جي سندن چيلا ٿي رهندا. جيڪڏهن عالمن کي ڪجهه به علم يا اصول يا خلق آهي ته هنن کي اهي عهدا هرگز قبول ڪرڻ نه گهرجن. هنن کي گهرجي ته اليڪشن لاءِ اميداوار بيهن. جيڪڏهن عوام ۾ هنن لاءِ عزت آهي ته هو از خود اسيمبلي ۾ چونڊجي ويندا ۽ زوردار نموني سان سچي اسلامي راءِ ڏيئي سگهندا. جيڪڏهن هنن کي عوام ۾ عزت ڪانهي ته ڪنهن به ڌنڌي سان لڳي وڃن ۽ پنهنجي پيرن تي بيهن. گورنمينٽ کي به گهرجي ته اهڙا ياڙي جا ٽٽوءِ پبلڪ جي پيسن تي خريد ڪري عوام تي وڌيڪ بوجهه نه وجهن. گورنمينٽ کي هيءَ ڳالهه به ياد رکڻ گهرجي ته هو ڪن محدود مولوين کي خريد ڪري عوام کي نڳي ڪونه سگهندا.

ڪاميٽيءَ ٻي هيءَ سفارش به ڪئي آهي ته امربالمعروف ۽ نهي المنڪر جي لاءِ هڪ ادارو قائم ڪيو وڃي. جيڪڏهن سفارش جو مطلب هي آهي ته ڪي مولوي پگهار تي وعظ ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيا وڃن ته انهيءَ سفارش جا مقصد به اهي ئي چٽي سگجهن ٿا جي مٿي بيان ڪيل آهن. مولوي ته هو نئن به مسجدن ۾ خواهه ٻاهر وعظ ۽ خطبا ڏيندا رهيا آهن جن مان ڪجهه به حاصل ڪونه ٿو ٿئي. قرآن مان ظاهر آهي ته سرڪاري عملدار زور ۽ طاقت سان قرآني حڪمن تي عمل ڪرائين ۽ زور زبردستيءَ


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

سان گناهن کي روڪين. سڪٽا وعظ ڪجهہ بہ فائدو ڪونہ ٿا ڏين.

وعظي مولوين کي پگهارون ڏيڻ عوام تي اجايو بوجهہ وجهڻو آهي. تاريخي حقيقت هي آهي تہ يزيد ڪانپوءِ اسلامي نظام بگڙي ويو. بادشاهن ۽ اميرن پنهنجي غير اسلامي ڪرتوتن کي ڍڪڻ لاءِ ۽ پنهنجي طاقت کي قائم رکڻ لاءِ ضعيف دل ۽ لالچي عالمن کي خريد ڪري ورتو ۽ حق گو عالمن کي يا تہ جيل ۾ رکيو يا تہ قتل ڪرائي ڇڏيو. جن کي خريد ڪري سگهيا تن کي عوام تي مسلط ڪري ڇڏيائون ۽ عوام ٻن چڪين يعني ملوڪيت ۽ مذهبي پيشوائيت جي پڙن جي وچ ۾ پيسبا رهيا. افسوس جو اسان جي جمهوري گورنمينٽ بہ ساڳي ئي پاليسي اختيار ڪري رهي آهي.

هي تاريخي حقيقت هيءَ آهي تہ اوائلي زماني ۾ فقط قرآن مجيد تي عمل ڪيو ويندو هو. حصرت محمد ﷺ جن ۽ اوائلي خليفہ فقط قرآن مجيد تي عمل ڪندا هئا ۽ جزوي ڳالهين بنسبت جماعت سان مشورو ڪري پوءِ فيصلا ڪري انهن تي عمل ڪندا ۽ ڪرائيندا هئا. اها آهي پيغمبري سنت. حضور جن ۽ اوائلي خليفن حديثن لکڻ کان قطعي منع ڪئي. اٽڪل هو سؤ سن هجري ۾ امام مالڪ فقط ٽي سو حديثون لکيون. امام بخاري 250 هجري ۾ 2 لک حديثن مان چونڊي فقط 7 هزار حديثون لکيون. مگر پوءِ بہ چوڏهن لک حديثون روايت هيٺ آيون. انهن مان گهڻيون ئي حديثون قرآن مجيد جي خلاف آهن، هڪ ٻئي جي بہ خلاف آهن، خود حضرت ﷺ ۽ اصحابن سڳورن جي توهين ڪندڙ آهن ۽ گهڻيون ئي رواجي عقل جي بہ خلاف آهن. حديثن سان گڏوگڏ وري فقہ جو دور شروع ٿي ويو. فقهي قانونن ۾ بہ بي شمار اختلاف آهن، انهيءَ ڪري فرقا ٿيا، اگرچہ قرآن مجيد ۾ فرقا ٺاهڻ شرڪ آهي. انهن فرقن جي ڪري ٻڌي ٽٽي پئي ٿي. انهن فرقن هڪ ٻئي تي ڪفر جون فتوائون جاري ڪيون، قتل ۽ فساد جي بازار هميشہ گرم رهندي آئي، خود مسلمان پاڻ چنگيز خان ۽ هلاڪو خان سان ساز باز ڪري ڪين ايران ۽ بغداد تي حملو ڪرايو جنهن ڪري وحشي مغلن اسلامي ملڪن کي تلق وتاراج ڪري ڇڏيو ۽ اڄ تائين نڪي مسلمانن وري زور ورتو آهي نڪي اسلام وري زنده ٿيو آهي. قرآن مجيد جي تعليم لکن ڪتابن جي انبار هيٺ پوري لڪائي ويئي آهي.

هاڻي وقت اچي ويو آهي.تہ کليو کلايو جرائت سان پنهنجي سرڪردن کان پڇڻ گهرجي تہ توهان مسلمان آهيو يا نہ جيڪڏهن مسلمان آهيو تہ قرآن مجيد تي عمل ڪرڻ لاءِ ٻڌل آهيو يانہ؟ جيڪڏهن ٻڌل آهيو تہ پوءِ چونہ ٿا پاڪستان جي دستور کي قرآن جي دستور مطابق مرتب ڪيو؟ سولي رٿ هيءَ آهي تہ محمد اسلم جيراجپوري، غلام احمد پرويز، ابوالا عليٰ مودودي ۽ سيد سليمان ندويءَ کي پاڻ سان شامل ڪري دستور بہ مرتب ڪريو ۽ پوءِ قانون بہ ٺاهيو. بيشڪ هو پاڻ ۾ ئي گهڻا اختلاف ڪندا. پوءِ اختلاف جي حالت ۾ توهان پنهنجو عقل ڪم آڻيو ۽ اها راءِ قبول ڪيو جا وڌيڪ معقول ۽ مفيد سمجهو. هي تمام ضروري ڳالهہ هيءَ آهي تہ بنا


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

دير هڪدم سيني اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ قرآن مجيد جو ترجمو سيکارڻ جو حڪم ڪيو. ان ڳالهه ۾ هي سوال درپيش ايندو ته ڪنهن جو ترجمو سيکاريو وڃي. بيشڪ ترجمن ۾ به اختلاف آهن پر اختلافن جي ڪري قرآن شريف معنيٰ سان پڙهڻ ڇڏي ڏجي ڇا؟ انهيءَ سوال بابت منهنجي راءِ هيءَ آهي ته شاهه ولي الله جو ترجمو يا شيخ الهند محموالحسن جو يا ابو الڪلام آزاد جو ترجمو يا عبدالله يوسف علي جو ترجمو يا ڪنهن مشهور مصر جي مصنف جو ترجمو انهن ساڳين ڇئن عالمن جي آڏو پيش ڪجي. جڏهن هو اتفاق راءِ سان ڪي تبديليون ڪرڻ جو مشورو ڏين ته اهي تبديلون هڪدم ڪرڻ گهرجن. جيڪڏهن ڪن ڳالهين بابت يڪراءِ نه ٿين ته اصلي ترجمي کي قائم رکڻ گهرجي. تفسير تمام مختصر رکڻ گهرجي. پوءِ انهيءَ ترجمي ۽ تفسير موجب درجي وار ريڊر ڇاپڻ گهرجن ۽ سيني اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ پڙهائڻ گهرجن ۽ سيني امتحانن لاءِ اهو سبجيڪٽ لازمي هئڻ گهرجي. جيڪي به ڊپلومايا ڊگريءَ جا امتحان ٿين ٿا تن ۾ به اهو سبجيڪٽ لازمي هئڻ گهرجي. ممڪن آهي ته پوءِ ترجمي ۽ تفسير ۾ سڌاري جي ضرورت محسوس ڪئي ويندي ۽ سڌارا ڪيا ويندا.

بنيادي اصولن جي ڪاميٽيءَ هي به سفارش ڪئي آهي ته مسجدن جي تنظيم ڪئي وڃي. مسجدن جي تنظيم ڪيئن ڪرڻ گهرجي ۽ ڪيئن سوره توبه جي 60 آيت تي عمل ڪرڻ لاءِ هر هڪ مسجد سان بيت المال شامل ڪجي تنهن جي سمجهائڻ لاءِ جدا مضمون جي ضرورت آهي. بهرحال نماز جو نظام ۽ مسجدن جي تنظيم اسلامي سرڪار جو اولين فرض آهي. نظام اهڙو رکڻ گهرجي جو هر هڪ مسلمان مرد توڙي عورت هر روز 15 منٽ قرآن مجيد جو ترجمو ٻڌي.

جن صاحبن رپورٽ تيار ڪئي آهي تن جي اسلام سان دلچسپي هن مان ثابت آهي ته امير مملڪت يعني حڪومت جي اعليٰ صدر لاءِ علمي شرط فقط هي رکيو اٿن ته هو ڪنهن به زبان ۾ لکي پڙهي سگهي. گهٽ ۾ گهٽ هي شرط وجهڻ گهربو هو ته نه رڳو قرآن شريف جي معنيٰ سمجهندڙ هجي پر ان تي هر طرح عمل به ڪندڙ هجي. منهنجو ذاتي خيال ته هي آهي ته ووٽرن لاءِ هي شرط هئڻ گهرجي ته هر هڪ ووٽر مئٽريڪيوليشن جو امتحان يا گهٽ ۾ گهٽ ورنيڪيولر فائينل پاس ڪيل هجي ۽ اسيمبليءَ لاءِ اميد وار گهٽ ۾ گهٽ گريجوئيٽ هئڻ گهرجن ۽ ان سان گڏ قرآن مجيد معنيٰ سان ڄاڻندڙ هجن ۽ ان تي هر طرح عمل ڪندڙ به هجن.

ڪاميٽي جيڪا سفارش حلف نامه به نسبت ڪئي آهي سا يورپي ماڻهن کان اڌاري ورتل آهي. منهنجو خيال آهي ته هر هڪ اسيمبلي ميمبر ۽ هر هڪ عملدار ۽ ملازم کان لکيل قسم نامون ورتو وڃي ته مان هر روز گهٽ ۾ گهٽ 15 منٽ قرآن مجيد جو ترجمو پڙهندس ۽ خانگي توڙي سرڪاري حيثيت ۾ قرآن مجيد جي ڪمن جي تعميل ڪندو رهندس. *(توحيد- جنوري- فبروري 1953ع)*


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# آزادي ۽ غلامي

آزاديءَ جهڙي نعمت ڪانهي ۽ غلاميءَ جهڙي ذلت ڪانهي ڇو ته آزادي سڀني نعمتن جو بنياد آهي ۽ غلامي سڀني مصيبتن ۽ تباهين جي پاڙ آهي. اسان خدا جي فضل سان انگريزن جي غلاميءَ  کان آزاد ٿيا آهيون، جن نه رڳو اسان جي ملڪ جي دولت پنهنجي ملڪ ۾ پهچائي پر اسان جو اسلام ۽ اخلاق بگاڙي اسان ۾ سڀني خرابين جو ٻج ڇٽي ويا. هن وقت اسان آزاد آهيون ڇا؟ ڌارين جي غلامي کان ڇوٽڪاري پائڻ ۽ پنهنجن جي غلامي ڪرڻ آزادي بلڪل ناهي. انگريزن جي زماني ۾ جيڪا ٿوري گهڻي  آزادي هئي تنهن جي ڏهين پتي جيتري آزادي به هاڻي ڪانهي. انگريز عملدار اڄوڪن عملدارن جي ڀيٽ ۾ ايتري قدر انتظام ۽ انصاف قائم ڪيو هو جو ڪي ماڻهن ائين به چوندا هئا ته واه ڙي انگريز! ٻڪري ۽ شينهن هڪ هنڌ بيهاري ڇڏيا اٿس. هن وقت اهڙي حالت آهي جو اڪثر ڪري هر هڪ فرد فرعون آهي ۽ ٻين کي پنهنجي  تابع رکڻ چاهي ٿو ۽ هر هڪ فرد غلام آهي جو ڪنهن فائدي لاءِ يا ڪنهن تڪليف کان بچڻ لاءِ ٻين جي غلامي ڪري ٿو يعني هر هڪ انسان يا فرعون آهي يا شيطان جو ٻانهو آهي يا ٻئي ڪنهن انسان جو غلام آهي يا ڪن لاءِ غلام آهي ته ڪن لاءِ فرعون آهي. مگر اسلام جو بنياد آهي لا الٰه الا الله يعني انسان کي فقط خدا جو ٻانهو ٿيڻو آهي. تنهنڪري ڪنهن فرعون کي يا ڪنهن غلام کي مسلم چوڻ ئي غلط آهي.

سچي ۽ ڪامل آزادي حضرت ﷺ ۽ پهرين چئن خليفن جي ڏينهن ۾ ماڻهن ويئي. هر هڪ مسلم کي فقط الله تعاليٰ جي حڪمن ۽ قانون جي پيروي ڪرڻي هئي. ڪوبه مسلم ٻئي ڪنهن به انسان کان نه ڊڄندو هو، ۽ نه ڪنهن جي غلامي ڪيندو هو. خود حضرت جن جڏهن اسلام جي بيعت وٺندا هئا تڏهن هڪڙو شرط هي هوندو هو ته مان سڀ ڪنهن انصاف واري ۽ چڱي ڪم ۾ حضرت جن جي فرمانبرداري ڪندس. اهو شرط نه هوندو هو ته سڀ ڪنهن ڳالهه ۾ حضرت جن جي فرمانبرداري ڪندس. هڪڙي ڀيري حضرت جن ڪنهن مسلم عورت کي سندس مڙس بابت ڪا سفارش ڪئي. عورت پڇيو ته شرعي حڪم ٿا ڏيو يا ذاتي سفارش ٿا


www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com

ڪريو. پاڻ فرمايائون ته ذاتي سفارش ٿو ڪريان. انهيءَ عورت چيو ته مان انڪار ٿي ڪريان. حضور جن کي ڪجهه به غصو نه آيو ۽ مائي ماٺ ڪيو هلي ويئي. هڪڙي ڀيري هڪ شريف خاندان جي عورت فاطمه ڪان چوريءَ جو قصور ٿيو. وڏن وڏن اصحابن معافيءَ جي سفارش ڪئي. حضرت جن جو چهرو مبارڪ لعل ٿي ويو ۽ فرمايائون ته ڇا توهان خدا جي حڪمن ۾ دخل ٿا ڏيو. قسم آهي الله پاڪ جو ته جيڪڏهن منهنجي نياڻي فاطمه ﷺ اهو قصور ڪري ها ته به مان خدائي مقرر ڪيل سزا ڏيان ها. اهي به مثال ان وقت جي آزادي ۽ انصاف لاءِ ڪافي آهن. جڏهن حضرت ابوبڪر رضہ خليفو ٿيو تڏهن پهرئين ئي خطبي ۾ حڪم ڪيائين ته جيڪڏهن مان قرآني حڪمن جي خلاف وڃان ته مونکي خلافت تان لاهي ڇڏجو. حضرت عمر پنهنجي خلافت جي زماني ۾ هڪڙي ڀيري خطبي ۾ پڇيو ته جيڪڏهن مان ڪنهن قرآني حڪم جي خلاف وڃان ته ڇا ڪندؤ؟ هڪڙي شخص اُٿي چيو ته توکي هن تلوار سان قتل ڪندس. حضرت عمر ﷺ ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ڪيس آفرين ڏنائين.

افسوس جو خلفاءِ راشدين ڪان پوءِ موروثي ۽ استبدادي بادشاهي قائم ٿي ويئي. جنهن ڪري فرعونيت ۽ غلامي جي ذهنيت پيدا ٿي ۽ اسلامي خود داري، مساوات ۽ ڀائپي گم ٿي ويئي. ڌارين جي حڪومت هيڪاري وڌيڪ بگاڙو پيدا ڪيو.

هن وقت سنڌ ۾ جيڪا آزادي ۽ انصاف آهي سو ڪنهن کان به ڳجهو ناهي. ٻهراڙيءَ جي ڳوٺن ۾ امن امان بلڪل ڪونهي. عزت، مال ملڪيت ۽ جان جي سلامتي بلڪل ڪانهي. گهڻن ئي چورن کي زميندارن ۽ پوليس عملدارن وٽان چورين ڪرڻ لاءِ پڪو ليسن مليل آهي. ڪنهن کي به مجال ناهي جو انهن کي پڪڙي سگهي. جيڪڏهن هو چوري ڪندي اتفاقن پڪڙجي پون ته به ڪنهن تي مجال ناهي جو پوليس ۾ رڳو رپورٽ ڪري سگهي. جيڪڏهن ڪو مت جو موڙهو ڪٽي رپورٽ به ڪري ته پوليس ۽ زميندار گڏجي هنن کي ڇڏائي ڇڏين ۽ ويچاري رپورٽ ڪندڙ جو جهڳو جهڻ ڪري ڇڏين. زميندار ۽ ڪامورا ٻهراڙي جي ڪڙمين ۽ پورهيتن تي هر طرح بنا خوف خطري ظلم ٿا ڪن. هو وڏا فرعون ٿي پيا آهن ۽ ويچارا هاري ۽ پورهيت مجبور، ذليل ۽ غلام ٿي پيا آهن. وزير صاحب پنهنجي لالچن ۽ فائدن جي لاءِ ظالم زميندارن ۽ ڪامورن جا مددگار آهن، تنهنڪري هو نڪي رشوت ۽ رسائي ظلم بند ڪرڻ جا خواهان آهن نڪي امن امان قائم ڪرڻ جو اونو اٿن. هو ملڪ ۽ قوم جا، سنڌ ۽ پاڪستان جا پورا پورا دشمن آهن. اخبارن جا ايڊيٽر به اڪثر ڪري پنهنجي لالچ ۽ فائدن واسطي وزيرن ۽ ڪامورن ۽ زميندارن جا طرفدار آهن. جيڪڏهن ڪو ايڊيٽر يا ليڊر قوم جو سچو خيرخواهه آهي ۽ وزير ۽ زميندارن جي ڪرتوتن کي اگهاڙو ڪري ٿو ته پوءِ هن کي پاڪستان جو دشمن ڄاڻائي سيفٽي ائڪٽ يا فرنٽيئر


www.sindhsalamat.com
سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ائڪٽ جو شڪار بڻايو ويجي ٿو. اها آهي اسان جي ملڪ ۾ لبرٽي ۽ آزادي. ڪنهن به سذريل ملڪ ۾ اهڙا ائڪٽ ڪونهن جن جي وسيلي بنا ڪيس هلائڻ جي ماڻهن کي جيل ۾ رکيو وڃي. جيڪڏهن اهڙا ائڪٽ هوندا آهن ته به انهن کي فقط ڌاڙيلن ۽ باغين جي خلاف ڪم آڻبو آهي ۽ نه انهن لاءِ جي وزيرن ۽ حاڪمن جي ڪرتوتن تي نڪته چيني ڪن.

هيءَ ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته جيڪي خرابيون اسان جي ملڪ ۾ آهن تن لاءِ خود پبلڪ به جوابدار آهي. مثلا رشوت وٺڻ گناهه آهي ته رشوت ڏيڻ به وڏو گناهه ۽ ڏوهه آهي. اسان ۾ اهڙا ليڊر پيدا ڪونه ٿيا آهن جيڪي عوام کي سجاڳ ڪن، ۽ عوام جي لاءِ خود قربانيون ڪن.اهڙن سچن ليڊرن ۽ مظلومن کي گهرجي ته بهادري سان ظالمن ۽ رشوتخورن جو مقابلو ڪن ۽ تڪليفن لاءِ جيلن ۾ وڃڻ لاءِ تيار رهن، بلڪ شهادت حاصل ڪرڻ لاءِ شائق ٿين. پوءِ حق جي فتح ٿيندي ۽ ظلم نڪري ويندو. *(توحيد- جنوري1951ع)*

◄◄◄◄●►►►►



www.sindhsalamat.com

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

Free Download Books @ www.sindhica.org, email:  sindhicaacademy@gmail.com